# شيخ اياز جو سڄو نثر - جلد ❸

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر
(شيخ اياز جي آتم ڪٿا جا چارئي جلد)

ليکڪ: شيخ اياز

پهريون ڇاپو: مئي 2010ع

ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
فون: 021_32737290

ڇپائيندڙ: شمس جعفراڻي
سيڪريٽري ثقافت کاتو
حڪومت سنڌ

قيمت: =/1000 رپيا

شيخ اياز جي ڪتابن جي اشاعتي رٿا،
ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
**ثقافت کاتو بوڪ شاپ**
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400
فون: 021_99206063

# فهرست


پبلشر پاران 5

مرتب پاران 7

ڪتي تہ پيجبو ٿڪ مسافر (ڀاڱو پهريون) 11

ڪتي نہ پيجبو ٿڪ مسافر (ڀاڱو ٻيو) 289

ڪتي نہ پيجبو ٿڪ مسافر (ڀاڱو ٽيون) 603

ڪتي نہ پيجبو ٿڪ مسافر (ڀاڱو چوٿون) 829

# پبلشر پاران

شيخ اياز جي شعر ۽ نثر جا 22 جلد، ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ چيرائڻ جو فيصلو ڪري ۽ ان تي عمل ڪري، اياز شناسيءَ جي مطالعي ۽ تحقيق جا نوان رستا ۽ دڳ متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڏس ۾ شيخ اياز جي سنڌي نثري تخليقن جو هيءُ ٽيون جلد سندس آتم ڪٿا جي ڇئن ڀاڱن تي مشتمل آهي.

آتم ڪهاڻي ادب جي اهڙي صنف آهي، جيڪا سڀ کان وڌيڪ دلچسپيءَ سان پڙهي ويندي آهي؛ پر اها جيڪڏهن شيخ اياز جهڙي همہ جهت شخص ۽ شاعر جي هجي تہ لازمي طرح اُن جي مقبوليت ۽ مقام پنهنجو هوندو. هيءَ آتم ڪهاڻي نہ رڳو اياز جي آپ بيتي آهي، پر سنڌ بيتيءَ سان گڏ جڳ بيتي بہ آهي؛ ڇو تہ اياز نہ رڳو سنڌ جو پر پاڪستان، برصغير ۽ دنيا جو وسيع مطالعو رکندڙ شاعر آهي. ان ڪري هن جي آتم ڪٿا ۾ هڪ ئي وقت اسان اياز جي شخصيت کي تہ پرکي ۽ پروڙي سگهون ٿا، پر سندس شخصيت سان گڏ سندس سوچ ۽ مطالعي جي وسيع ڪئنواس جو سنڌ کان وٺي عالم انسانيت تائين فڪري اپياس بہ ڪري سگهون ٿا.

اياز جي هيءَ آتم ڪٿا اڳ ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ٽوڙي هڪ پيرو گڏيل طور بہ ڇپي آهي، پر ثقافت کاتي اها ڪوشش ڪئي آهي تہ شيخ اياز جي هن آتم ڪٿا جي گڏيل ڇاپي ۾ ڪا واقعاتي غلطي رهجي نہ

وجي. ان ڏس ۾ محترم تاج جويي جي ايڊٽنگ ۾ محنت داد طلب آهي ۽ مٿان وري سائين محمد ابراهيم جويي جي نگراني سونَ تي سهاڳو ثابت ٿي آهي، جنهن لاءِ آءٌ سنڌ جي هن پيرانہ سال، پر دليءَ طرح جُوان عالم جو حد کان وڌيڪ احسانمند آهيان.

آءٌ پنهنجي کاتي جي عزت ماب وزير صاحب محترمہ سسئي پليجو جو مشڪور آهيان، جنهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ ۾ شيخ اياز جي تخليقن جي اشاعتي رٿا تڪميل تي پهچي رهي آهي. ان سلسلي ۾ سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي سربراهہ نور احمد ميمڻ جا ٿورا مڃڻ ضروري ٿو سمجهان، جنهن پنهنجا بيا اشاعتي ڪم پاسيرا ڪري، اسان جي هن رٿا کي ڇپائڻ ۾ اسان جي وڏي مدد ڪئي آهي.

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

# اياز جي آتم ڪٿا: هڪ سئربين

شيخ اياز (1997-1923)، سنڌ جو اُهو عظيم شاعر آهي، جنهن 75 سال ڄمار ماڻي ۽ لڳ ڀڳ 75 ڪتاب سنڌي ادب جي دامن ۾ پيٽ ڪيا، ۽ سنڌي ادب کي ديوار چين کان بہ وڌيڪ مضبوط ديوار ڏئي ويو آهي، جو صدين تائين سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۽ سنڌي ادب (جنهن ۾ شاعري ۽ نثر ٻئي اچي وڃن ٿا) جي سگهہ ۽ پائداري، دائم ۽ قائم رهڻي آهي: ڇو تہ ان حقيقت کان انڪار ڪو اکين ۽ دل جو سڄو شخص ئي ڪري سگهي ٿو تہ 18 صديءَ جي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب (خصوصاً شاعريءَ) کي جيڪو مضبوط ڪوٽ پٽائيءَ ڏنو هو ان ڪوٽ جي ديوارن ۾ صدين تائين ڪوبہ "لساني غلبو" ڏار نہ وجهي سگهيو. ساڳيءَ طرح ويهين صديءَ جي سنڌي ٻولي ۽ ادب تي جيڪا شيخ اياز ٻنڌ ٻڌي آهي. ان تي رجعت پرستيءَ ۽ آمريت وڏا وار ڪيا ۽ اها ايتري سگهاري آهي، جو اُن کي ڪوبہ ٽُڪو ڏئي ڀڃي نہ ٿو سگهي ۽ نہ ان ۾ ڪو ڏرڙ وجهي سگهي ٿو.

شيخ اياز جي شاعري، تفڪر ۽ ترنم جو حسين سنگم آهي، پر سندس نثر جو مطالعو ڪجي ٿو تہ اهو بہ "رقص" ڪندو محسوس ٿئي ٿو. اها فتويٰ شيخ اياز سنڌ جي ٽرينڊ سيٽر ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جي نثر لاءِ ڏني هئي، پر ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اياز جو نثر پڻ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" کان وٺي "ڪٿي نہ ڀڄبو ٿڪ مسافر" تائين پڙهجي ٿو تہ اهو واقعي رقص ڪندي نظر اچي ٿو.

آمريڪي شاعر والٽ وٽمن ڪٿي لکيو آهي تہ: "ڪامريڊو! هي ڪتاب نہ آهي، هن کي جيڪو ڇُهي ٿو انسان کي ڇهي ٿو."

اها ساڳي راءِ، آءٌ شيخ اياز جي نثر ۽ تخليقن جي ٽئين جلد "ڪٿي نہ ڀڄبو ٿڪ مسافر" (ڇئني ڀاڱن جي گڏيل جلد) ۾ شامل سندس نثر لاءِ بنا ڪنهن وڌاءَ جي ڏئي سگهان ٿو.

اياز زندگيءَ ۾ تہ عظيم هو پر هُو پنهنجي موت کان پوءِ هڪ "ڏند ڪٿا" ٿي ويو آهي. هو پنهنجي حياتيءَ ۾ تہ وڏو ماڻهو ۽ وڏو شاعر هو

پر پنهنجي موت کان پوءِ ڏهہ پيرا وڌيڪ وڏو ماڻهو ۽ وڏو شاعر ثابت ٿيو آهي. هن جي موت کان پوءِ ئي اسان اياز جي فڪر، اياز جي تخليقي پورهئي ۽ اياز جي قلمي ڪاوش بابت سنجيدگيءَ سان اچا سوچڻ جي مس شروعات ڪئي آهي.

شيخ اياز جي آتم ڪٿا جو هي گڏيل جلد "ڪٿي نہ پيچبو ٿڪ مسافر" ايياس ڪندي، محسوس ٿئي ٿو تہ هيءَ اياز جي آتم ڪٿا، ڪُجهہ ڪُجهہ سندس ڊائري آهي، ڪجهہ سندس تحت الشعور مان ڦٽي نڪتل گلاب ۽ موتئي جي گلن جون مهڪارون آهن تہ ڪجهہ سندس زندگيءَ جي مشاهدي ۽ وسيع مطالعي جي معلومات جا انڊلٺي رنگ آهن.

سنڌيءَ ۾ شيخ اياز موهن ڪلپنا ۽ ليجمڻ ڪومل جون آتم ڪٿائون، ٽي اهڙيون آتم ڪٿائون آهن، جن ۾ ادبي ٻوليءَ جي چاشني بہ آهي، افسانوي انداز بہ آهي تہ اظهار جي حد درجي جي بيباڪي ۽ بي ڊپائي بہ آهي. اياز پنهنجي زندگيءَ جا سمورا واقعا، سموريون محبتون ۽ معاشقا کولي بيان ڪيا آهن، پر هن ڪٿي بہ عورت جو احترام ۽ تقدس پائمال نہ ڪيو آهي. هن پنهنجي معصوم محبتن کان وٺي لمحاتي معاشقن تائين جتي جرئت سان لکيو آهي، اعتراف ۽ انڪشاف ڪيا آهن، اُتي هن انهن جون صورتون، محبتون ۽ حسناڪيون، پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ پنهنجي پيار جو پورو پورو حق ادا ڪري.

اياز هيءَ جيڪا قلمي ڪيرت ڪئي آهي، اُها نہ پئسي لاءِ ڪئي آهي، نہ شهرت لاءِ ڪئي آهي، پر پنهنجي ذات جي تڪميل لاءِ ڪئي آهي ۽ ان ۾ ذات جو مڪمل اظهار موجود آهي. اياز جي آتم ڪٿا يا شاعريءَ جو وڏو حصو مطالعو ڪبو تہ اسان کي هن جي "موت سان هم ڪلامي" هنڌ هنڌ نظر ايندي. پر هن جو موت سان تخاطب ڊپ وارو نہ آهي، ڪٿي هُو موت کي چائنٽ تان تريون هٽي موتائي ڇڏي ٿو، ڪٿي ڪيس مخاطب ٿي چوي ٿو تہ مون کي ايتري مهلت ڏي تہ آءٌ ذهن ۾ جوڙيل خاڪن ۾ تخليق جا رنگ پريان تہ ڪٿي هو موت کي کليو کلايو سڏ ڪري چوي ٿو تہ اچ اچ! توکي هر ويس ۾ سُڃاڻان ٿو. هاڻي مون کي مرڻ جو ڪوبہ پؤنہ آهي، ڇو تہ مون پنهنجي ٻوليءَ ۽ ديس جو فرض نڀائي ڇڏيو آهي، مون صدين تائين ٻوليءَ کي "سلامتيءَ جو لوڙهو" ڏئي ڇڏيو آهي. زندگي ۽ موت حقيقت آهن، جن کان ڪنهن بہ پيغمبر ۽ دانشور لهرايو ۽ نٽايو نہ آهي. اياز موت بابت لکيو آهي تہ "موت ڪئلينڊر ۾ تاريخ ڏسي مقرر وقت يا جڳهہ تي نہ ايندو آهي. موت ڪنهن کان بہ اپائنٽمينٽ نہ وٺندو آهي" - ۽ ان ڏس ۾ هن مشهور فلسفيءَ جارج سنتيانا جا هينيان لفظ دهرايا آهن:

”موت جو تاريڪ پسمنظر زندگيءَ جا نازڪ مزاج رنگ پنهنجي پوري پاڪيزگيءَ سان آڏيندو آهي.“

موت جي آڏو ڪو ڏاڍو ڪو هيڻو نه هوندو آهي، موت بلهي شاهه جي لفظن ۾ ”متيءَ جو گلزار آهي“ _ ”وه واه ماتي دا گلزار“.

اياز جي هي آتم ڪٿا سنڌ جي تاريخ جو هڪ رنگين ۽ سنگين داستان آهي، ڪٿي هُو ان جي شروعات ”خدا جي حسين شاهڪار ٿر“ کان ڪري ٿو ڪٿي جنم ڀونءِ شڪارپور کان ان جي ابتدا ڪري ٿو ڪٿي جين ۽ ٻُڌمت جي فلاسافيءَ تي روشني وجهي ٿو ڪٿي يوناني، مغربي ۽ مشرقي فلسفين جي فڪري روشنين جا رنگ پسائي ٿو ڪٿي هو اُن ۾ پنهنجي حياتيءَ جي ساٿڻ زرينه سان مخاطب آهي ته ڪٿي هو پنهنجي همعصرن کي ياد ڪري تاريخ جي جهروڪن کي روشن ڪري ٿو ڪٿي هو پنهنجي مطالعي هيٺ آيل هزارين ڪتابن جو رُوح ۽ جوهر اسان جي آڏو آڻي پيش ڪري ٿو ته ڪٿي وڪالت جا تجربا، وڪيلن جي اجائي زندگي، خُونين ۽ ڪاري ڪاريءَ جي واقعن جي ڪردارن وٽان ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ لفظن جا موتيا هٿ ڪري ٿو ڪٿي فرسوده رسمن ۽ جهالت هٿان قتل ٿيل نياڻين جا نوحا بيان ڪري ٿو ته ڪٿي سکر، ساڌ ٻيلي ۽ سنڌوءَ سان سلهاڙيل سون_ورن يادون بيان ڪري ٿو ڪٿي پنهنجي ياءَ سمنڊ سان مخاطب ٿئي ٿو ڪٿي ڪراچيءَ جي اجگر شهر ۾ انسانيت جي منهن تي ملجنڊڙ ڪارنهن بيان ڪري ٿو. ڪراچي، جنهن کي آسمان نه آهي، جنهن ۾ پئسي پٺيان ڊوڙ آهي، جتي انساني رت سستو وهي ٿو ۽ جتي دهشت ۽ وحشت جا ديو موجود آهن. مطلب ته ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اياز جي آتم ڪٿا هڪ سٺر بين آهي، جنهن ۾ هو ڪٿي پنهنجي همعصر دوستن کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙي ٿو ڪٿي پياري دوست خشو ڪيولراماڻيءَ جا پير ڇُهي ٿو ڪٿي دوست مونس ۽ اُن جي حسين يادن کي ساري اُداس ٿي وڃي ٿو ته ڪٿي امڙ، والد، چاچن ۽ شڪارپوري عزيزن کي ياد ڪري پنهنجي خاندان جي تاريخ بيان ڪري ٿو. شڪارپور پٽ شاهه ۽ مڪلي (ٺٽو) هن جا سجده گاهه رهيا آهن. هن جي شاعرانه دل ڪڏهن شڪارپور ۾ پيڻ جي پرسان دفن ٿيڻ جي تمنا ڪري ٿي ته ڪڏهن هو مڪليءَ جي رابيلن ۾ دولهه دريا خان جي پرسان دفن ٿي سنڌ جي تاريخ جو حصو بنجڻ جي خواهش ڪري ٿو ته وري ڪڏهن هو سمنڊ ياءَ جي پرسان عبد الله شاهه غازيءَ ويجهو پورجڻ پسند ڪري ٿو ته ڪڏهن پٽائيءَ سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

جر ۾ ٿو جر ڪان، ڳائي تنهنجا گيت مان،
مـري شـل مـرڪان، پٽائـيءَ پيڙو وڃي!

اياز جا اڳ ڇپيل ڪتاب: ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، جڳ مڙوئي سپنو ساهيوال جيل جي ڊائري، ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون ۽ سندس ٻيا ڪيترا مضمون ۽ ليک سندس هن ڪهاڻيءَ جا حصا ۽ باب آهن. سچ پچ جيڪڏهن موت اياز کي موقعو ڏئي ها تہ هُو پنهنجي "آتم ڪٿا" ڊاڪٽر زواگو کان بہ طويل ۽ حسين ناول ۾ بيان ڪري ها. جيڪا سندس خواهش بہ هئي، پر زندگي مختصر آهي ۽ تمنائون طويل۔

آءٌ اياز جو هڪ اپياسي ۽ سندس فن ۽ فڪر سان محبت ڪندڙ شخص آهيان، مون کي اياز سان قربت جو بہ فخر حاصل رهيو آهي ۽ هو مون تي هميشہ مهربان بہ رهندو هو. شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا لکندي، ڪيترين شخصيتن ۽ ادارن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جا نالا حافظي جي آڌار تي بيان ڪندي ڪائنس ڪٿي ڪٿي انهن جي اصل نالن ۾ مختصر تبديلي جي سهو ٿي وئي هئي، جنهن جو هن مون سان ۽ ڪيترن ٻين دوستن سان اظهار بہ ڪيو هو پر پبلشرن اُن طرف ڪوبہ خيال نہ ڪيو ۽ اُهي ننڍڙيون غلطيون دهرائبيون رهيون. ان ڪري اُنهن کي هن جلد ۾ درست ڪيو ويو آهي، مثال طور:

| غلط | درست |
|---|---|
| ندوة المسلمين | ندوة المصنفين. |
| مولانا عبدالله | مولانا عبدالواحد سنڌي |
| غلام الله شاهہ | غُلام شاهہ۔ وغيره |

اُن ڪري ان قسم جون ننڍيون سهوون يا پروف جون غلطيون بہ درست ڪيون ويون آهن ۽ جتي مناسب سمجهيو ويو آهي، اُتي فوٽ نوٽ بہ ڏنا ويا آهن تہ جيئن مستقبل جي پڙهندڙ ۽ مورخ کي درست معلومات ملي سگهي.

بهرحال، شيخ اياز جي ڪتابن جي ايڊيٽنگ ۽ پروفنگ هڪ اڻ ڪائيو ڪم آهي، جيڪو سائين محمد ابراهيم جويي جي رهنمائيءَ، وزير ثقافت محترم سسئي پليجو جي اعتماد ۽ سيڪريٽري ثقافت ڪاتي محترم شمس جعفراڻيءَ جي هدايتن ۽ فهمائشن جي ڪري ئي بهتر ٿي سگهيو آهي، ان لاءِ آءٌ سندن ٿورائتو آهيان.

**۔ تاج جويو**

# ڪٿي ته
# ڀڃبو
# ٽڪ
# مسافر



# ٻه اکر

هن ڪتاب ۾ چين ۾ ٻڌ ڌرم جو ذڪر ڪندي، ڪيئي سنسڪرت جا لفظ ڪم آندا ويا آهن، جيئن ان دؤرجي فضا ۾ فلسفي کي چڱيءَ طرح اُياري سگهجي. اهي لفظ اسان جي سنڌيءَ ۾ مستعمل نه آهن. ان ڪري فوٽ نوٽن ۾ انهن جا هم معنيٰ سنڌي، فارسي يا عربي لفظ ڏنا ويا آهن، جي اسان لاءِ اجنبي نه آهن.

هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل هر شخص جو منهنجي زندگيءَ جي ريگزار ۾ مستقل نقشِپا آهي. مون ڪنهن کي ٻه دانستاً نه رنجايو آهي، پر جيڪڏهن ڪائي لغزش قلم کي غير دانسته طور اچي وئي آهي ۽ ڪنهن کي رنج رسايو اٿائين ته مان هن کان معافي طلب آهيان. هُن جي معروضي وجود جو عڪس جيئن منهنجي دل جي آئيني ۾ پيو آهي، ائين ئي مون هن جي عڪاسي ڪئي آهي.

هي ڪتاب سفرنامو ٻه آهي ۽ منهنجي سرگذشت جو هڪ حصو ٻه آهي ۽ جي عمر ايتري وٺي ڏني ته ان جا ٻيا حصا ٻه لکي پورا ڪندس.

هن ڪتاب جي تڪميل ۾ روزاني "برسات" جي چيف ايڊيٽر شپ ۾ گذاريل ڪجهه مهينن کان پوءِ، مان اسپتال ۾ موت کي ڀِٽني ڏڪي موٽي آيو آهيان، شايد الله کي مون کان ڪو ڪم وٺڻو هو. مون کي هاڻي يقين ٿي ويو آهي ته انسان جو جم ۾ موت لوح محفوظ ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ڪائي ردوبدل نه ٿي ٿئي. مون اسپتال مان نڪري شاعريءَ جا چار ٻيا ڪتاب لکيا آهن، جن کي ٽئگور جي آخري ڪتاب "مرتيو پنک" (Wings of death) واري ڪيفيت آهي. انهن جي پيشِ لفظ ۾ ساري حقيقت لکڻ ٿو چاهيان، جا منهنجي آخري شاعريءَ جو محرڪ جذبو آهي. عالم الغيب ۾ ڪنهن جهاتي پاتي آهي! معلوم نه آهي ته قدرت ڪيترو وقت منهنجي لاءِ اجا رکيو آهي ۽ ڪڏهن هلندڙ گهڙيال جون سُيون بيهجي ويندينون.

مان فلسفي نہ آهيان، نہ وري ڪوبہ وڏو شاعر فلسفي هو. هن جي هر ست ۾ جا بہ گهرائي آهي، اُها ڪنهن بہ فلسفيءَ جي تحرير ۾ ورلي ملندي. مشهور فلسفي اوس پينسڪيءَ، پنهنجي مشهور ڪتاب In search of Mysterious ۾ چيو آهي تہ "روح جي ابديت لاءِ ڪافي جدوجهد جي ضرورت آهي ۽ ان کي بلور وانگر شفاف بڻائڻو (Crystallize ڪرڻو) پوي ٿو." اها چوٽي جيتوڻيڪ منهنجي مذهبي عقيدي سان ڪي قدر متضاد آهي، پر پوءِ بہ غور طلب آهي. مان هتي آرٽ جي مسلسل تخليق ۽ ان جي جدوجهد تي وڏيڪ لکڻ نہ ٿو چاهيان، چوتہ ڪتاب ڪافي لنبو ٿي ويو آهي.

آخر ۾ مان پنهنجي دوست جمال ابڙي جو احسان مند آهيان، جنهن ويهارو نشستون ڪري اُهي واقعا لکرايا، جي اسان جي سفر ۾ پيش آيا هئا. مان پنهنجي دوست غلام ربانيءَ ۽ محمد ابراهيم جويي جو بہ ٿورائتو آهيان، جن انهن ۾ اضافو ڪيو. مان قاضي منظر حيات جو بہ بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن نهايت جانفشانيءَ سان منهنجو ساٿ ڏنو.

آخر ۾ مان جناب فيروز احمد جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن وقت تائين پنهنجي اِشاعت گهر مان منهنجا ٽيهہ ڪتاب ڇپايا آهن.

1 ڊسمبر 1994 شيخ اياز

# I

ڪنهن چيو آهي تہ انسان ذات احسان جو اظهار اڪثر نوازش وقت ڪندي آهي. هاڻي جمال ابڙو سنڌ اسيمبليءَ جي سيڪريٽري شپ تي نوڪري پوري ڪري، گوشہ نشين ٿي چڪو آهي ۽ مون کي هن مان وڏيڪ توقع نہ رهي آهي تہ هو منهنجي ڪنهن سير سفر لاءِ انتظام ڪندو. مون هن کي فون تي چيو تہ، "مان ڪنهن پيرومل مهر چند تي نہ ٿو ڇڏڻ چاهيان تہ هو منهنجيءَ شاعريءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪري لکي تہ مون ڪهڙي ڳوٺ، شهر يا ديس جو سفر ڪيو آهي يا اُهي منظر، جي ڪنهن جاءِ جي نشاندهي ڪن ٿا، انهن کي مدنظر رکي قياس آرايون ڪري. ان ڪري بهتر ائين ٿيندو تہ اُهو تون لک، چو تہ يا تون مون سان سنڌ جي سير سفر ۾ اڪثر گڏ هئين ۽ ان جو عيني گواهہ آهين يا جي مان ڪنهن سان گڏ ويو آهيان تہ ان سفر لاءِ گهڻو ڪري انتظام تو ڪيو آهي." پر هن جواب ڏنو تہ، "مان باقي زندگي پنهنجو پوٽو ڏوهٽو ڪڇ ۾ ڪٽي، پنهنجي هالا واري پينگهي ۾ گذارڻ ٿو چاهيان، ان ڪري منهنجي ادب جي تخليق تي دل نہ ٿي وري." مون کي اهو علم تہ شروع کان هو تہ جمال صوم صلوات جو پابند آهي ۽ ڪافي وقت مصلي تي گذاريندو آهي. هن جو نوراني چهرو دراز ريش ۽ هٿ ۾ تسبيح ڏسي ۽ ڳالهيون ٻڌي، اسلام جا حسن بصريءَ ۽ جنيد بغداديءَ جهڙا بزرگ ياد اچي ويندا آهن. جوانيءَ کان وٺي هو ٿور- ڳالهائو رهيو آهي. جيئن هن جون اکيون ٻئي کي ٽِڪ ٻڌي ڏسنديون آهن، ائين مون ٻئي ڪنهن جون نہ ڏٺيون آهن. ها، قادر بخش نظاماڻيءَ جون اکيون بہ اهڙيون هيون، جو مون کي پٽائيءَ جو استعارو "اکين ۾ انبور" ياد اچي ويندو هو. نظاماڻي، جو پيو سنڌي هو جنهن مولانا عبيد الله سنڌيءَ کان پوءِ روس جو دورو ڪيو هو ۽ ڪتاب "مياڻيءَ جي جنگ" جو مصنف آهي. جڏهن ون- يونٽ خلاف تحريڪ ۾ مان سرگرميءَ سان حصو وٺي رهيو هوس، تڏهن هو روسي سفارتخاني ۾

ڪوئي ڊائريڪٽر هو. هن منهنجي ڪراچيءَ جي چائنيز هوٽل "هانگ ڪانگ" ۾ دعوت ڪئي هُئي ۽ اتي گهڻو وقت مون کي ٻڌو هئائين. ان وقت ائين لڳي رهيو هو تہ هن کي رُڪ جون اکيون هيون ۽ هو منهنجي ويچار ڌارا جي هڪ ماهر جراح وانگر وڍ ڪٽ ڪري رهيو هو.

هڪ ڀيري، جڏهن هو اسي ورهين جو ٿي چُڪو هو ۽ لنڊن ۾ هميشہ لاءِ رهي پيو هو ۽ شايد اُتان جي شهريت بہ حاصل ڪئي هئائين، تڏهن هُو ڪراموبل هاسپيٽل لڳ منهنجي ڪرائي جي فليٽ ۾ آيو هو ۽ پيريءَ جي باوجود هُن جي اکين ۾ ڦُڙتي ۽ يڪ تڪائي ساڳي هئي. مون ڳالهيون ڪندي، هُن کان پڇيو "سائين، اوهان کي خدا اجا بہ عمردراز ڏئي، پر جڏهن هينئر اوهان جي عمر جو آفتاب غروب ٿي رهيو آهي، اوهان جو خدا ۽ حيات بعد از ممات جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟" منهنجي سوال جي پسمنظر ۾ ان ڳالهہ جو احساس هيو تہ قادر بخش ساري عمر اشتراڪي ٿي رهيو آهي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ چواڻي بزنجي، مينگل ۽ خير بخش مريءَ کي صلاح مشورو هُو ئي ڏيندو هو. قادر بخش مون ڏانهن مُنهن ڦيري ڀهرين تہ پڇيو "اهو سوال مناسب ۽ برمهل ڪيئن آهي؟" (اسان ان وقت پاڪستان جي سياست تي بحث ڪري رهيا هُئاسين) پر پوءِ چيائين، "توکي هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو . مان هاڻي ڪنهن ڪنهن وقت قبلہ رو ٿي نماز پڙهندو آهيان، ان ڪري نہ، تہ مون کي جبين سائيءَ جو شوق هوندو آهي، پر ان ڪري جو ائين ڪرڻ سان منهنجي دل کي تسڪين ملندي آهي". لنڊن ۽ ساري مغرب جي اجوڪيءَ ڀڄ ڊوڙ واريءَ حياتيءَ ۾ جنهن ذهني پيچ وتاب مان نظاماڻي گذريو هو ان کي مدِ نظر رکي، هُن جي اها تسڪين لاءِ طلب سمجهہ ۾ اچي ٿي سگهي. پوءِ هن پنهنجي ڀائٽي ڊاڪٽر خير محمد نظاماڻيءَ کي هدايت ڪئي تہ هو مون کي برائيٽن گهمائي، جا لنڊن کان ستر ميل پري هُئي ۽ جنهن جو ذڪر مان پنهنجي ڪتاب "اُڀر چنڊ، پس پرينءَ" ۾ ڪري چُڪو آهيان .

ہ مهينا اڳ جمال ابڙي فون ڪري چيو تہ قادر بخش نظاماڻي ڪراچيءَ آيو آهي ۽ توهان سان ملڻ ٿو چاهي. مون جمال کان پڇيو تہ نظاماڻيءَ جي طبيعت ڪيئن آهي. جواب ڏنائين تہ اَسي ورهين کان مٿي ٿي ويو آهي. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ مون کي چيائين تہ، "ڪيس ڪوئي مرشد

ٻولي ڏيان .“ مون هن سان لنڊن ۾ گفتگو ياد ڪري ، ٿهڪ ڏنو. ٿوريءَ دير کان پوءِ قادر بخش مون کي فون ڪيو ۽ حال احوال ورتائين ۽ چيائين تہ هو ٻن ٽن ڏينهن کان هتي آهي ۽ مون کي فون ڪري ڪنهن وقت مون وٽ ايندو. افسوس جو هو ڪو نہ اچي سگهيو ۽ لنڊن موٽي ويو. مون کي ان وقت خيال آيو تہ مغربي دنيا ۾ گُرو پوڄا (Guru Cult) ڦهلجي وئي آهي، ۽ چاڪاڻ جو نظاماڻي مسلمان آهي، ان ڪري هُو مرشد لفظ ڪم ٿو آڻي . دنيا ۾ رام، ڪرشنا، وويڪ آنند، رمنا مهارشي ، چند مَئہ آنند، ستيہ سائين بابا، رامداس ۽ ڪرشنا مورتي* مڪت آنند ۽ گرومائي ، اربندو ۽ ماتا، مهارشي مهيش يوگي، برهم ڪماريون ، رجنيش وغيره جا پنٿ اِن ڪري ڦهلجي ويا آهن، جو مغرب ۾ انسان کي پنهنجيءَ انفراديت جو شدت سان احساس ٿيو آهي ۽ ان جو برملا اظهار ڪري رهيو آهي . هو فرد کي مستقل قدر سمجهڻ لڳو آهي ۽ ربطِ ملت کي نعري بازيءَ کان زياده اهميت نہ ٿو ڏي. اهڙيءَ صديءَ ۾ جڏهن انسان ويروتار جنگين ، انقلابن ۽ بغاوتن جي گردباد ۾ رهيو آهي؛ جڏهن فاشي اٽلي ۽ نازي جرمني جي يهود ڪُش مُهمن (Pograms) ۽ خاردار لوڙهن (Concentration Camps)، افسر شاهين ۽ آمر حڪومتن انسانيت کي پنهنجن آهني بوٽن هيٺان لتاڙيو آهي؛ جڏهن اسان مان ڪيترن آش وٽز (Aushwitz)، فرانزڪافڪا (Franz Kafka)، آلبر ڪاميو(Albert Camus) ۽ ژان پال سارتر (Jean Paul Sartre) جا بي معنيٰ تخيل مطالع ڪيا آهن ۽ ڏٺو آهي تہ ڪيئن هو ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪري رهيا آهن، جنهن کي نہ منهن آهي نہ سِرُ. جن اِستالن، لينن ۽ مارڪس جو موت پيهر ڏٺو آهي، اُنهن لاءِ هن صديءَ جي پوئين اَڌ ۾ گرو پوڄا يا مُرشد لاءِ عقيدت وري اهميت حاصل ڪري چُڪي آهي؛ ڇوتہ اسان هاڻي پنهنجي لاءِ مزاحمتي گيتن، انقلابي تحريڪن ، منشيات يا جنس پرستيءَ مان اطمينان حاصل ڪري نہ ٿا سگهون. اسان پنهنجي انفراديت مڃائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي آهي ۽ پنهنجو قيمت قدر ڄاتو آهي. گُرو يا مرشد

* هندستان جي جديد گرن جا نالا. جن مان ڪي مري چڪا آهن. انهن جو هندستان جي جديد سياست تي ڪافي اثر آهي ۽ انهن مان ڪي ٺڳ ثابت ٿي چڪا آهن ۽ ٻين جي سچائيءَ جي باري ۾ خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي. گرو پوڄا هندستان ۾ ٿياساني تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جي سرواڻ روس جي مئڊم بلئوٽسڪي ۽ هن جي پوئلڳ ڊاڪٽر ائني بيسنٽ هئي.

اهائي ضرورت پوري ڪري رهيو آهي ۽ اسان ۾ يقين پيدا ڪري رهيو آهي تہ انسان هستي مطلق (Absolute) کان جدا نہ آهي. اهو فلسفو تہ انسان ۽ ڪائنات هڪ آهي، مغرب ڪافي حد تائين سمجهي چُڪو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو فرد جون ضرورتون ۽ خواهشون پوريون ڪرڻ ۾ ۽ هن جي زندگيءَ کي بامعنيٰ بنائڻ ۾ چڱيءَ طرح ڪامياب نہ ٿيو آهي ۽ هر گروءَ جي ڪِرِ ٿو لڳي، پوءِ اهو ڪوڙو آهي يا سچو. چو تہ هن بيوروڪريسيءَ ۽ماديت پرستيءَ جي دنيا ۾ فقط گرو يا مُرشد ئي شخصيت کي تڪميل ۽ معنيٰ ڏئي سگهي ٿو.

مان جڏهن کان جمال ابڙي کي سڃاڻان، تڏهن کان اڳ ئي هن کي سجده ريزيءَ جو شوق هو ۽ باقاعدي نماز پڙهندو هو. مون ڪڏهن هن ۾ خطابت يا وعظ جو شوق نہ ڏٺو هو ۽ هو اڳ وانگر اجا تائين پنهنجي مذهبيت ٻئي ڪنهن تي نہ مڙهيندو آهي. مان ڀانيان ٿو اها ڳالهہ هن کي مرحوم والد علي خان ابڙي کان ورثي ۾ ملي آهي. هُو ”لڪم دينڪم ولي دين“ (تُنهنجو دين تو تائين، منهنجو دين مون تائين) جو قائل آهي ۽ ڪنهن تي بہ پنهنجا عقيدا يا نظريا مسلط نہ ڪندو آهي.

بيماريءَ واري عرصي سميت هنن چئن سالن ۾، جي مون ڪراچيءَ ۾ گذاريا آهن، مان سارو وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ مصروف رهيو آهيان. جمال مون کي ٻہ ڀيرا ابراهيم حيدريءَ جناب شفيع محمد جاموٽ، چيئرمئن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل وٽ وٺي هليو هو چو تہ اتي مون کي ميربحرن سان ملي، ”سُر سامونڊيءَ“ جي باري ۾ مواد وٺڻو هو جيڪو مان پنهنجي جديد ”سُر سامونڊيءَ“ ۾ بہ ڪم آڻي سگهان ۽ شاهہ لطيف تي جيڪو ناول ”آءٌ تمر فقير“ جي نالي سان لکي رهيو آهيان، ان ۾ بہ استعمال ڪري سگهان. پهرين ڀيري تہ جاموٽ صاحب اسان جي سامونڊي ڪاڏي تي پُرتڪلف دعوت ڪئي هئي ۽ ٻئي دفعي توڙي رمضان شريف جو مهينو هو هُن اسان کي چيپو چورو (Snacks) ڪرايو هو. مون ميربحرن سان ڪچهري ڪري، ڪافي نوٽ ورتا ها، جن ۾ جاموٽ صاحب ۽ جمال نهايت دلچسپيءَ سان ڀرو ورتو هو.

ٻئي ڀيري هُو پنهنجي پير مرشد الحاج حافظ صاحبزاده پير سيد اختر حسين وٽ وٺي هليو جو نهايت حليم طبيعت ۽ مروت جو صاحب هو ۽ ٻن

تن ڏينهن لاءِ پنهنجي اصل وطن علي پور سيدان، ضلعي سيالڪوٽ مان ڪراچيءَ آيل هو. هُن مون کي پنهنجي ڏاڏي اعليٰ حضرت حاجي حافظ پير سيد جماعت شاهہ صاحب تي پنهنجو اُردوءَ ۾ لکيل ڪتاب "سيرت امير ملت" تحفي طور ڏنو. ان ڪتاب جي شروعات ۾ صفحي 32 جي شروعات ۾ نقش بندي سلسلي جي باري ۾ هيٺينءَ ريت لکيل آهي:

"واضح هجي تہ طريقت جا تمام سلسلا حق تي ٻڌل آهن ۽ انهن مان ڪنهن تي بہ نڪتہ چيني روا نہ آهي. منزل مقصود سڀني جي هڪ آهي. حضرت مجدد الف ثاني رحمت الله عليه خود مختلف سلسلن ۾ بيعت ڪندا هئا. البت سندن پسنديده طريقو نقش بندي هو. انهيءَ فرمايو هو تہ "نقش بندي سلسلو سڀني سلسلن کان اعليٰ ۽ ارفع آهي. ان جي ابتدا ٻين جي انتها آهي." وڏيڪ امام رباني، مجدد الف ثاني قدس سره العزيز فرمايو آهي تہ، "نقش بندي طريقي جو مهڙ حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه آهي، جو انبياءَ ڪرام بعد تحقيقي طرح تمام بني آدم تي افضل آهي." انهيءَ لحاظ کان هن سلسلي جي بزرگوارن جي تحرير ۾ آيو آهي، "اسان جي نسبت سڀني نسبتن کان وڏيڪ آهي. نسبت مان هنن جي مراد حضور ۾ آگاهي آهي، جا سڀني آگاهين کان اوچي آهي." ........ سلطان الاولياءَ خواجہ خواجگان حضرت خواجہ بهاءُ الدين نقشبنديءَ کان پڇيو ويو "اوهان جي طريقي جو بنياد ڪهڙيءَ ڳالهہ تي آهي؟" تہ پاڻ فرمايائون، "اوهان الله کي ڏاڍو ياد ڪيو. انجمن ۾ خلوت، ظاهر خلق سان، باطن حق سبحان وتعالي سان."

جيستائين منهنجو سوال آهي تہ مان نقش بندي يا ٻئي ڪنهن سلسلي سان وابستہ نہ آهيان، انگريز ناول نگار ۽ مفڪر سمرسيٽ مام پنهنجي آخري ڪتاب "Summing up" ۾ چيو آهي تہ، مون کي جي ڪنهن فلسفي ۾ اعتبار ڪرڻو آهي تہ ان جو بنياد مون کي پاڻ ئي رکڻو آهي ۽ پوءِ هن اهي سڀ فلسفا ڏنا آهن، جي هن پڙهيا آهن ۽ اهو بہ واضح ڪيو آهي تہ انهن فلسفن هن تي ڪيترو اثر ڇڏيو آهي. مان ڪنهن سلسلي جي باري ۾ تہ اها دعويٰ ڪري نہ ٿو سگهان، پر ان باري ۾ رهي معيريءَ جو هيٺيون شعر ضرور لکڻ چاهيان ٿو:

نہ بہ شاخِ گل نہ برسروِ سمن پيچيده ام،
شاخہٗ تاڪم بہ گردِ خويشتن پيچيده ام.

(نہ مان گلن جي ٿاريءَ ۾ نہ سروَ جي وڻ ۾ ويڙهيل آهيان، ڏاک جي ول آهيان ۽ پنهنجي چوڏاري ويڙهيل آهيان.)

پر خواجہ بهاءُ الدين جي مٿئين قول وانگر، غالب جو هيٺيون شعر منهنجي اندر جو آئينو آهي:

ہے آدمی بجائے خود اک محشرِ خیال
ہم انجمن سمجھتے ہیں خود اک محشرِ خیال

ترجمو: (ماڻهو پنهنجي جاءِ تي خيال جو هڪ محشر آهي، اسان ان کي انجمن سمجهون ٿا، پوءِ اهو خلوت ئي ڇو نہ هجي.)

مون موٽندي رستي تي سوچيو تہ ان ۾ شڪ نہ آهي تہ تصوف تي اوير ايشيا ۽ مصر جي راهبانا رياضت ۽ سَريت (Mysticism) جو اثر هو. ان جي فڪر تي عيسائي، غناسطي (Gnostic)، ۽ ٻوڌي روايتن جو بہ اثر هيو. پر اُن جي پٺيان اها قرآني آيت بہ هُئي تہ، "الله انسان کي رگِ گردن کان ويجهو آهي" ۽ "جو بہ مون کي ياد ڪري ٿو مان اُن کي ياد ڪريان ٿو." مان ڀانيان ٿو تہ حسين بن منصور حلاج، اناالحق جو نعرو 922ع ۾ هنيو جنهن ساري عالم اسلام کي لوڏي وڌو. ان ڪري جنيد بغداديءَ چيو هو تہ، "اهو صوفي نہ آهي، جو قرآن ۽ سنت جو پابند نہ آهي" ۽ ان ڪري ئي غزاليءَ ان فلسفي تي ڪاري وار ڪيا ها ۽ ساڳي وقت علم ۽ دانش کي بہ ناڪافي سمجهيو هو. جيتوڻيڪ هن صوفي طريقي کي الله تائين رسائيءَ جو ذريعو سمجهيو ٿي، پر هر مُبتدي صوفيءَ کي ان خطري کان آگاهہ ڪيو هو جو هُن لاءِ وجدان ۾ هو ۽ هن کي چتايو هئائين تہ هُن لاءِ شريعت جي پيروي ئي هُن کي محفوظ ۽ بي خطر رکي سگهي ٿي. مون ڄاتو ٿي تہ سياسي اقتدار جڏهن عرب ۽ ايرانيءَ کان ترڪ ۽ بربر* جي هٿ آيو تڏهن انهن اسلام ۾ پنهنجون مذهبي روايتون ڄاڻي واڻي خلط ملط ڪري ڇڏيون هيون. پهريان صوفي مسجد جي "زاوئي" ۾ رهندا ها ۽ پنهنجن مريدن کي پنهنجي طريقي جي تعليم ڏيندا ها، پر پوءِ ڪيئي "سلسلا" پيدا ٿيا. غزاليءَ کان اڳ ئي مذهب جي طور طريقي ۾ اضافا ڪيا ويا ها ۽ بار بار "ذڪر" کي انساني نفسيات تي اثر انداز ڪيو ويو هو ۽ ان کي ابدي حقيقت تائين رسائيءَ لاءِ

* بر بر: قديم زماني ۾ هڪ عربي قبيلي کي "بر بر" چوندا ها، جو نيل درياهہ جي ڀنهي پاسي آباد هو. شايد اردو لفظ "بربريت" انهيءَ لفظ مان ناهيو ويو آهي.

ڪارائتو سمجهو ويو هو جيئن جديد هندستان ۾ گُرو ويدانيت کي سمجهن ٿا. ڪيئي زاويا ۽ خانقاهہ وجود ۾ آيا، جي هاڻي نالي ماتر وڃي رهيا آهن. ائين تہ اُن وقت سئو کن طريقا ها، پر هيٺان زياده ڦهليل ها.

بغداد واري عبدالقادر جيلانيءَ جو **قادريہ سلسلو** جو لڳ ڀڳ 1166ع ۾ وجود ۾ آيو. پوءِ احمد الرفائيءَ جو **رفائي طريقو** پوءِ مراڪش جي ابو الحسن الشا دهلي جو طريقو جو اُتر آفريڪا، مصر ۽ عرب ۾ مقبول ٿيو پوءِ بغداد جي عمرالسهروورديءَ جو **سهروردي طريقو** پوءِ ايران ۽ هندستان ۾ بهاءُالدين نقشبند جو **نقشبندي طريقو** ۽ تُرڪيءَ ۾ مولانا جلال الدين "روميءَ" جو **مولوي طريقو**. هونءَ تہ اهڙا هڪ سئو طريقا ها، پر حاجي بقرش جو **بقرشي طريقو** جنهن سان سلطنت عثمانيہ جا جان نثار وابستا هيا، ڪافي مشهور هو. تصوف جو اهو نظريو **وحدت الوجود** جو نظريو هو جنهن تي مجدد الف ثانيءَ جو **وحدت الشهود** جو نظريو حاوي ٿي نہ سگهيو. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻئي نظريا ائين موجود آهن، جو هڪ ٻئي کان ڌار نظر نہ ٿا اچن. صوفي "سماع" تي زور ڏيندا ها ۽ پوئين گهڙيءَ بہ ڀٽائيءَ جي خلوت ۾ ساز ٿي هليا، پر "سماع" جي اهميت تي اهل الله متفق نہ هيا. شيخ پنهنجا مدرسا هلائيندا ها. شيخ تہ مان بہ آهيان ۽ منهنجي شاعريءَ جا سنڌ ۽ هند ۾ ايترا مريد آهن، جيترا روميءَ جا قونيہ ۾ بہ نہ ها، پر مان پنهنجي زاوئي ۾ تنها آهيان، مُرشد بہ پاڻ آهيان تہ مريد بہ پاڻ آهيان. مان جاڻان ٿو تہ وحدت الوجود ويدانيت جي قريب آهي، جنهن ۾ ساري زندگيءَ جي روحاني وحدت تي زور ڏنو ويو آهي. ائين صحيح آهي تہ تصوف جو بنياد نؤ فلاطوني وحدت جي تصور سان مليو ۽ ان کي پوءِ اسماعيلين پنهنجي آفاقي شعور لاءِ اپنايو ۽ جڙ تہ مُسلمہ اسلام کان ان جبر وتشدد جو پلئہ ورتو هو جو هنن جي چوڻ مطابق، هنن تي ڪيو ويو هو. بهر صورت اهي ڳالهيون تصوف جي اهميت کي گهٽائن نہ ٿيون. مون جڏهن هسپانوي، عرب سَريت پسند (Mystic) بن العربيءَ جي ڪتاب "فصوص الحڪم" جو پهريون باب "عقائد شيخ اڪبر" پڙهيو تہ ونجي ويس. هن جي نگاهہ ڪائنات ۾ نشتر وانگر پيهي ويئي هئي ۽ هن ۾ مون کي مغربي فلسفيءَ اوس پينسڪيءَ جي گهرائي ملي هئي. (اوس پينسڪيءَ جو وڏيڪ ذڪر مان اڳتي هلي ڪندس.) ها، مون کي هڪ ڳالهہ کٽڪي رهي هئي، جا "شاهہ جي رسالي" جي مهاڳ ۾

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ "المجاز قنطرة الحقيقت" (مجاز حقيقت جي پُل آهي) جي حوالي سان ۽ پٽائيءَ جي عشق مجازيءَ جي باري ۾ ڪئي آهي. مون گهر اچي پنهنجي لائبريريءَ ۾ ڪتاب"تصوف ۽ سلوڪ" ڏٺو جو مون ڪيئي سال اڳي ورتو هو ۽ جنهن تصوف ۽ اسلام ۾ تضاد مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ۾ هيٺين ڪهاڻي لکي وئي آهي:

هڪ شخص ڪنهن عورت جي پٺيان لڳو. اُن عورت هُن کان پڇيو تہ، "تون منهنجي ڪڍ ڇو ٿو اچين؟" ان تي هن جواب ڏنو تہ: "توتي عاشق ٿي پيو آهيان." اهو ٻڌي اُن عورت ڪيس چيو تہ: "پٺيان منهنجي ڀيڻ اچي رهي آهي، جا مون کان بہ وڌيڪ خوبصورت آهي." ان تي اهو هوس ناڪ شخص پٺتي موٽڻ لڳو تہ ان عورت هن کي طعنو هنيو:

"اي مرد! جي تون منهنجو عاشق هئين تہ ٻيءَ تي نگاهہ ڇو وڌءِ؟"

اها ڪهاڻي لکي "تصوف ۽ سلوڪ" جي مصنف لکيو آهي تہ "عشق مجازيءَ جي حقيقت ذرا ڳن ڪولي ٻڌي وجي، ڇوتہ تصوف کي بدنام ڪرڻ وارن ڪيترن ئي جاهلن پنهنجي هَوَس رانيءَ تي پردو وجهڻ لاءِ ان کي استعمال ڪيو آهي. حديث ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن تي بي اختيار عاشق ٿي پوي تہ پوءِ عفيف (عفت وارو) ٿئي ۽ ان عشق کي پوشيده رکي، پوءِ جي مرندو تہ هُو شهيد ٿي مَرندو. جاميءَ جو هڪ شعر آهي:

وَلی باید کہ بر صورت نمانی
وَزین پُل زودُ خود را بگذرانی

(هائو، ٿيڻ ائين گهرجي تہ ڪنهن جيءَ صورت تي اٽڪي نہ بيهين ۽ هِن پُلِ تان جلد لنگهي وڃين.)

مان اهو شعر پڙهي سوچ ۾ پئجي ويس، اهڙو عشق تہ مون فقط ويجهڙائيءَ ۾ ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي حسن ۽ جوانيءَ لاءِ رحم منهنجي جذبات تي غالب رهيو ، نہ تہ مون تي ساري زندگي پٽائيءَ چواڻيءَ "مون کي ماءُ! مجاز پيچاري جيئن پڄيو" جهڙي ڪيفيت رهي آهي. مون ڪئسانووا واري زندگي گذاري آهي ۽ پنهنجي جواني بلزاڪ، اَلبرٽو موريويا ۽ هينري مِلر وانگر لهو ولعب ۾ ڪاٽي آهي . ائين چئجي تہ مان "بهترين بو الهوَس" رهيو آهيان تہ غلط نہ ٿيندو. اهو منهنجو ئي شعر تہ آهي.

ڪنهن ڪاريءَ ڇڳ تي رات ڪُٺي، ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦُٽي،
ائن وقت ڪٽيو ائين عُمر لٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا!

ڇا ڳلا جي ڪاليءَ ڪي لهو لهان سيج وٽندي آهي؟ يا خدا مون ڪي عشق مجازيءَ شاعري تہ اڪيچار ڏني آهي، پر منهنجي دل آئيني وانگر پور پور ڪري ڇڏي آهي. ڇا، اهو آئينو تنهنجي عڪس جي قابل آهي؟

تصوف پوءِ ڪيئن جمال الدين افغانيءَ کان وٺي، سرسيد تائين، هڪ گرد و غبار ۾ ڍڪجي ويو . اهو هڪ الڳ داستان آهي . جنهن لاءِ هتي گنجائش نہ آهي. اسلام ۽ تصوف تي مان پوءِ ڪنهن موزون جاءِ تي لکندس.

پير صاحب وٽان جڏهن موٽي رهيا هُئاسين، تڏهن جمال ڪُجھ ڇپي ڇٽي ڳالهايو ۽ هُن جي ڳالهين ۾ منهنجيءَ گهريءَ دلچسپيءَ جي باوجود، پنهنجي علمِ سابقہ (Pre Congition of events) جي باري ۾ ڪجھ ڳالهيون اِشارتاً ڪيون ۽ وري خاموشيءَ جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويو . جڻ منهنجي لاءِ هُن جي غوراب ۾ جاءِ نہ هُئي ۽ مون کي ساحل تي پاڻ پار تري وڃڻو هو. هڪ ڳالھ جا جمال جي مون کان وسري ٿي وڃي، اها هن جي لطف و عنايت (Grace) آهي، جيتري منهنجي دوست يوسف شاهين ۾ آهي، جنهن ۾ بہ شائستگي ۽ نرم مزاجي پنهنجو مٽ پاڻ آهي .

هڪ ڀيري مان سال 1965ع ۾ پاڪ ڀارت جنگ کان اڳ ۾ ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس تہ ابراهيم جويو ڪوٽڙيءَ جي اسٽيشن تي مون سان ملڻ آيو هو . ان دور ۾ سنڌ جا رجعت پسند ۽ ترقي پسند پاڻ ۾ گتم گُتا (ليٿ پيٿ) هُيا. اردوءَ جا رجعت پسند ۽ ترقي پسند بہ ڪانوَ ڪي لُڙ ۾ مزو جي مثال، اِنهيءَ جهيڙي ۾ جُنبي ويا هئا ۽ ککر ۾ ڪڙا هٽي رهيا هئا . سکر جي رياست عليءَ نالي هڪ مهاجر وڪيل منهنجي خلاف سکر جي ڪنهن اخبار ۾ وڏو مضمون لکيو هو . جنهن ۾ مون تي اردو . اسلام ۽ پاڪستان سان دشمنيءَ جا الزام هنيا ويا هئا. مون کي اهو مضمون پڙهي ۽ سکر جو واءُ سواءُ جاچي . اهو محسوس ٿيو تہ منهنجي خلاف ڪا سازش ٿي رهي آهي، جا عنقريب پنهنجيءَ منتها تي پهچندي ۽ ممڪن آهي تہ مون کي نظر بند ڪيو وڃي. مون ڪوٽڙيءَ جي اسٽيشن تي جڏهن ابراهيم جوئي جي اڳيان پنهنجي انديشي جو اظهار ڪيو تڏهن هُن ڏند ڪرٽي، مون کي ترڙي ڏئي چيو "اهي سڀ انديشا بي بنياد آهن، توکي ڪجھ بہ نہ ٿيندو اها ڳالھ

وساري ڇڏ!" مون هُن کي رڳو اهو چيو تہ، "منهنجي خلاف حيدرآباد ۾ بہ باهہ ٻري رهي آهي، پاڪستان رائيٽرس گلڊ جنهن "پؤنر پري آڪاس" تي سال جي بهترين ڪتاب هجڻ لاءِ انعام ڏنو آهي، ان کي بہ نانگ سنگهي ويو آهي." هن وري خار کائي چيو "ڪڏ ۾ پوي رائيٽرس گلڊ! اُن مان تون ڪهڙي همدرديءَ جي اميد ٿو رکين ۽ ان ۾ توکان سواءِ ٻيا سڀ اردوءَ وارا ۽ بنگالي آهن." مون کي تـڙيءَ چپ تہ ڪرائي ڇڏيو پر جوئي جي جواب مطمئن نہ ڪيو ۽ منهنجي من تي آئيندي جا اونداها پاڇاوان پوڻ لڳا. ڪراچيءَ ۾ سراج ٻئي يا ٽئين ڏينهن چيو تہ، "اياز! مون کي تہ ائين ٿو لڳي تہ پاڪ ڀارت جنگ اچي رهي آهي." "اهو ڪيئن ٿو چئين؟" مون هن کان پڇيو. هُن جواب ڏنو "تو شايد اڄوڪيون اخبارون نہ پڙهيون آهن. لاهور تي هندستان جا هوائي جهاز ڏٺا ويا آهن. (ممڪن آهي تہ هُن چيو هو تہ لاهور تي هندستاني هوائي جهازن بم اُڇلايا آهن) مان ڀانيان ٿو تہ پاڪستان بہ جوابي ڪاروائي ڪندو."

سراج، مُنهنجن نهايت ذهين دوستن مان رهيو آهي ۽ جڏهن هلال پاڪستان جو ايڊيٽر هو تہ هو هڪ ڪامياب صحافي هو ۽ هن جي تحرير کي پنهنجي انفراديت هُئي. (هو بيورو ڪرئٽ بہ ڪامياب هو ۽ هن وقت انڪم ٽئڪس جو برڪ وڪيل آهي.) مٿين ڳالهہ ٻڌي منهنجي هيانوَ ۾ ڇڪُ پيو ۽ بہ ڏينهن اڳ وارا خدشا مبهم انداز ۾ اُڀري آيا. پر مون کي ابراهيم جي تڙي ياد آئي ۽ مون پنهنجي انديشي کي وهم گُمان سمجهي رفع دفع ڪري ڇڏيو. چوٿين ڏينهن مان سکر موٽي ويس. رات جو جم خانا ڪلب ۾ ڪوني تي بيئر پي رهيا هياسين ۽ مون سان گڏ ٽي چار دوست ويٺا ها. واءَ ۾ ڪائي هُرڪُر هُري رهي هئي، اڳين گپ شپ، ڏند ٽڙڪو ۽ چرڙات ڪونہ ها. بامعنيٰ خاموشي ڇانيل هُئي. جنهن کي هڪ پُراسرار زير سطح رَوَ هئي. مون کي ابراهيم سان ڪوٽڙي اسٽيشن تي ڪيل گفتگو ياد آئي ۽ من تي بي چئنيءَ ۽ بي ڪٿائيءَ جو ڇِٽ وَرت ڇانئجي ويو. مُنهنجو منهن سوراٽيل ۽ وار ڪانڊاريل ڏسي، هڪ دوست کان رهيو نہ ٿيو ۽ چيائين، "اياز! تنهنجي خلاف سُس پُس ٿي رهي آهي، جنهن ۾ اڳ چتاءُ بہ آهي. مون کي ٿوري سُڻس پئي آهي. بهتر ٿيندو جي تون ڊپٽي ڪمشنر سان ملين."

مان ڀانيان تہ مُنهنجي تقدير پنهنجي منطقي نتيجي ڏانهن تيزيءَ سان

وجي رهي هئي ۽ مان اُن جا قدم ٻُڌي رهيو هوس. اوچتو مون سوچيو تہ ”سکر جا تعصبي مهاجر آفيسر ۽ وڪيل ۽ انهن جا خوشامندڙيا، چيلهہ ۾ گل، ڪڏن کوٽ، ساڙ سڙيا سنڌي آفيسر ۽ وڪيل، جي منهنجي وڪالت ۾ ڪاميابي ۽ سنڌ دوستيءَ جو برملا اظهار برداشت نہ ڪري سگهندا ها ۽ رشيد ڀٽيءَ جي اها ڳالهہ تہ ”مان شاهہ لطيف کان پوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهيان ۽ ڪو وقت ايندو جو ٽئگور کي بہ پٺتي ڇڏي ويندس.“ هُنن ۾ ڪان وانگر ڪکندي هئي، سي سڀ ڪنهن سازش ۾ شريڪ آهن.“ مون بيئر جو گلاس پورو ڪري، بيئر جون بہ بيون بوتلون گهرايون ۽ ”هرچہ باد بادِ“ چئي پي ويس ۽ بنا اُلڪي جي ڪار ۾ گهر هليو ويس. ٻي ڏينهن تي مون کي گرفتار ڪيائون. جي هُو گرفتار ڪري، مون کي ٽي مهينا سکر جيل ۾ نہ رکن ها، تہ منهنجي شاعري انهيءَ توڙ تي نہ پهچي ها، جتي هاڻي پهتي آهي. منهنجي خيال ۾ انسان جي تقدير هڪ زنجير وانگر آهي، جنهن جو ڪڙو ڪڙي سان جڙيو پيو آهي. ان کي ڇڪ سان ڪوئي ڇني نہ سگهيو آهي.

هاڻي جمال ابڙي جي ڳالهہ تي اچان ٿو جنهن جو تفصيل سان ذڪر مون ”ساهيوال جيل جي ڊائريءَ“ ۾ ڪيو آهي. ان کان اڳ ۾ هڪ انگريزي پهاڪو تہ * ”ڪنهن بہ پراڻي دوست کان بهتر آئينو نہ آهي.“ لکڻ چاهيان ٿو. انسان ان آئيني ۾ پنهنجون بُرايون ۽ چڱايون ڏسي سگهي ٿو. ايمرسن جو قول بہ ياد اچي رهيو آهي تہ، ”دوستي هڪ هيڪليءَ ساعت جي آزمودي تي گهڙيل ڪهاڻي آهي.“ مان ڀانيان ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ جمال تہ ان معاملي ۾ نيارو ۽ اوچو ماڻهو آهي. مان ساهيوال جيل ۾ نظربنديءَ واري ڳالهہ ڪجهہ تفصيل سان ورجايان ٿو. مان سال 1968ع ۾ ڪراچيءَ مان موٽي، فاران هوٽل ۾ ماني کائي، ربانيءَ کي فون ڪيو تہ هن يڪدم پڇيو ”تو ريڊيو ٻُڌو؟“ مون جواب ڏنو تہ ”نہ.“ ان تي هن چيو ”ادبي بورڊ ۾ يڪدم هليو آءُ! هوٽل ۾ ڪمرو بُڪ نہ ڪرائجانءِ. سامان سوڌو هيڏانهن هليو آ!“ مان بورڊ ۾ پهتس تہ ڪوئي آدمي ربانيءَ کان موڪلائي هليو ويو. پوءِ ربانيءَ ٻڌايو تہ پرواني ڀٽيءَ عبرت مان فون ڪيو آهي تہ، ”تيرنهن ڄڻن جي ڪئبينيٽ ٺهي آهي، جن مان هڪ تون بہ آهين.“ مون هن کي چيو تہ، ”ڇا مطلب؟“ ان

---

* There is no better looking glass than an old firend

تي هن جواب ڏنو تہ، "ايوب خان، ذوالفقار علي ڀٽي، ولي خان، تنهنجي ۽ ٻين ڏهن ماڻهن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪئنو وارنٽ جاري ڪيو آهي."

مون کي ڪوئي لوڏو نہ آيو ۽ نہ منهن وَن وَن ٿيو. مون هن کي ڏيرج سان جواب ڏنو تہ، "رباني! منهنجو خيال آهي تہ رات تو وٽ گذاري، صبح سان سکر هليو ويجان. مون توڏانهن ايندي مير رسول بخش کي جلوس سان گڏ ڏٺو. شايد هُن کي بہ گرفتار ڪيو اٿائون."

ربانيءَ جواب ڏنو "هي ماڻهو جو هاڻي بورڊ جي آفيس ۾ ويٺو هو اهو توکي سڃاڻي. هُو ساري شهر ۾ هُلائي ڇڏيندو تہ تون هتي آهين، ممڪن آهي تہ توکي پوليس هتان گرفتار ڪري وجي!" (مون کي گرفتاريءَ جو خوف تہ ڪونہ هو پر زرينا ۽ ٻارن سان ملي، پوءِ پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪرڻو هو.) ربانيءَ وڌيڪ چيو "اسان جمال رند وٽ ٿا هلون. انهيءَ جي جاءِ پري آهي ۽ گهٽو ڪري صبح تائين پوليس کي تنهنجو پتو نہ پوندو." ممڪن آهي تہ ربانيءَ اها ڳالهہ پنهنجو بار لاهڻ لاءِ چئي هجي. مون وانگر هن جو ڪوئي خاص سهارو ڪونہ هو ۽ هُن جا ڪافي گهر ڀاتي هيا، جن جي نظرداري هُو ڪندو هو. هن جو وڏو ڀاءُ، جو جسٽس انعام الله جي ڀني عاقل واري زمين تي مئنيجر هو لواحقين تي ايتري توجهہ نہ ڏيندو هو جيتريءَ جا هو مستحق ها.

جڏهن اسان جمال رند وٽ وياسون، تڏهن هن چانهن پياري چيو تہ، هُن جو گهر ننڍو آهي ۽ ان ۾ رهائش جي گنجائش نہ آهي ۽ بهتر ٿيندو تہ جمال ابڙي وٽ هلون. اسان جمال وٽ لطيف آباد وياسين ۽ جڏهن هُن کي ساري ڳالهہ ٻڌائي سين، تڏهن هُن يڪدم چيو "جڏهن کان مون هيءَ جاءِ ٺهرائي آهي، تڏهن کان ان جي گيسٽ روم کي تالو ڏئي ڇڏيو اٿم. مُنهنجو اڳ ئي ارادو هو تہ تون پهريون شخص هوندين، جو هتي مهمان ٿي رهندين." مون هن جي فولادي اکين ۾ ڏٺو ۽ منهنجون اکيون جُهڪي ويون. وڌيڪ احوال مون "ساهيوال جيل جي ڊائري" ۾ ڏنو آهي. ان وقت جمال هڪ جج هو ۽ جي پوليس مون کي هن جي جاءِ تان گرفتار ڪري ها تہ ممڪن آهي تہ هن جي نوڪري هلي وڃي ها. پر هن ان ڳالهہ تي فلڪ نہ آندي.

شيڪسپئر پنهنجي ڊرامي "جوليس سيزر" ۾ چيو آهي:

"ماڻهو ڪنهن وقت پنهنجيءَ تقدير جا مالڪ آهن،
ڏوهہ، پيارا بروٽس، ستارن جو نہ آهي،
پر اسان جو آهي،
جو تہ اسان انهن جا ڇاڙتا آهيون."

مان وائيس چانسلر هوس، تڏهن جمال يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جو ميمبر هو. ميٽنگ کان پوءِ مان، رباني، جمال، سراج ۽ نثار ميمڻ[1] گڏجي ماني کائيندا هياسين. سراج ۽ نثار ميمڻ بہ سنڊيڪيٽ جا ميمبر هيا. ان وقت مون کي شُبو بہ نہ هو تہ ستارا جمال کي نهنڊ بہ ڏئي سگهندا، ڇو تہ هن جي گفتار ۽ ڪردار ۾ مون کي اوڻائي نظر نہ ايندي هئي. اوچتو هن جي تقدير پلٽو کاڌو. هونئن تہ هن جي زال کي پراڻي انجائنا هئي، پر 26 مارچ 1991ع تي جڏهن هُن تي انجائنا جو حملو ٿيو، تڏهن هوءَ ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽيٽيوٽ تائين نہ پُڄي سگهي ۽ رستي تي گُذاري وئي. جمال جي هُن سان ايتري محبت هئي، جو هُن مان ڏاڍپي نہ ڏاپندو هو. هُن جي ڪيفيت فارسيءَ جي هيٺين شعر واري هئي:

حيف در چشم زدن صحبتِ يار آخر شد،
روئِ گل سير نہ ديديم و بهار آخر شد.

(حيف جو اک ڇوٽ ۾ يار جي صحبت ختم ٿي وئي.
گُل جي صورت ڏوَ تي ئي نہ ڏٺي هئي، جو بهار ويندو رهيو)

جمال کي هُن مان چار پُٽ، بہ ڌيئرون هيون، پر جمال هُن کي ائين ڀائيندو هو جڻ هُن سان هڪ ڏينهن اڳ نڪاح ڪيو هيائين. مان سئمويل بٽلر سان متفق آهيان. هو عشق ۽ خودڪشيءَ کان انڪار نہ ٿو ڪري، هو رڳو چوي ٿو تہ:

"مرد بدطينت عورتن جي موت تي خودڪشي ڪندا آهن ۽ نرم دل ۽ لائق عورتن جي موت تي پاڻ نہ ماريندا آهن".

---

[1] نوٽ: نثار ميمڻ جنهن جو ذڪر مون "ساهيوال جيل جي ڊائريءَ" ۾ تفصيل سان ڪيو آهي، آءِ بي ايم (I.B.M) جو سائوٿ ايشيا لاءِ چيف هو. جڏهن پرائيم منسٽر معين قريشيءَ هن کي عبوري مرڪزي حڪومت ۾ وزيرِ اطلاعات ۽ نشريات ڪري کنيو هو. هينئر هو وري آءِ بي ايم ۾ ساڳي عهدي تي آهي.

مان پانيان ٿو تہ اِها ڳالھہ بٽلر سترهين صديءَ ۾ ڪئي هئي، جا بلڪل صحيح آهي. نيڪ طينت عورتن جي موت کان پوءِ انهن جي يادگيري زندگيءَ کي تازگي بخشيندي آهي ۽ اُن شيءِ سان پيار وڌائيندي آهي، جنهن سان مرحيات جو پيار هوندو هو. زال جي موت کان پوءِ جمال جي پنهنجي اولاد سان شفقت اڳي کان بہ وڌي وئي آهي، جو تہ هن جي زال جو پنهنجي اولاد ۾ ساهہ هوندو هو. مان جمال جي وڏيڪ ڪردار نگاري اڳتي هلي ڪندس. دراصل جڏهن ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ وارن جمال سان شام ملهائي هئي، تڏهن مون تقرير ڪندي چيو هو تہ مان جمال جي زندگيءَ تي لکندس. هن ڪتاب لکڻ کان اڳ مون جمال سان ويهارو بيٺڪون ڪري، هُن کان هُن جي زندگيءَ جي باري ۾ تفصيل ورتو ۽ ڪيتريون ئي گهڙيون ياد ڪيون، جي اسان گڏ گذاريون هيون، پر مون کي والٽيئر جو هڪ قول ياد ٿو اچي:

The Secret of being a bore is to say everything.

(هڪ "بور" ٿيڻ جو راز اهو آهي تہ جيڪي بہ اچي، چئي ڏجي)

هي باب اِهو چئي ختم ٿو ڪريان تہ جمال جي عُمر لڳ ڀڳ ستر سال اچي ٿي آهي، هو دنيا کان ڪنارا ڪش ٿي چُڪو آهي ۽ هر اڳئين دوست سان گرم جوشيءَ سان ملاقات جي باوجود، پنهنجي خاندان سان سارو وقت گذاريندو آهي. هن جي سنڌ ۾ ٿيندڙ چڱي ادبي تخليق ۾ دلچسپي اجا برقرار آهي، پر پنهنجي ادبي تخليق جو خيال پلي ڇڏيو اٿائين. ڪهڙيون ڳالهيون هُن جي تنهائيءَ کي والارين ٿيون، اِهو مان نہ ٿو چئي سگهان. جيستائين منهنجو سوال آهي تہ مان گذريل چئن سالن کان ڏينهن رات لکي پڙهي رهيو آهيان. موت کان بلڪل بي خوف ٿي چُڪو آهيان ۽ ان جي پرواهہ نہ آهي تہ ڪڏهن ٿو قلم اوچتو هٿ مان ڪِري پوي ۽ ست اڌ ۾ رهجي وڃي. ان تي مون کي ڪنفيوشس جي هڪ ڳالھہ ياد اچي رهي آهي، جنهن جو ذڪر بي محل نہ ٿيندو. هڪ مريد" سي ڪِنگ" ڪنفيوشس کان پڇيو، "مُئي ماڻهوءَ کي شعور ٿيندو آهي؟" ان تي ڪنفيوشس هن کي جواب ڏنو "تيستائين ترسين چو نہ ٿو جيستائين تون مرين، پوءِ پاڻ ئي توکي اهو جواب ملي ويندو." مون کي انسان جي باري ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي "جيئن توکي وڻي" (As you like it) مان هينيون سٽون بہ ياد اچي رهيون آهن:

”پوري دنيا رنگ منچ (اسٽيج) آهي ۽ سيئي ماڻهو ان تي ويس ڌاري آهن انهن کي اندر اچڻ ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ لنگهہ آهن.“

اهو لکي شيڪسپيئر زندگيءَ جا ست دور ڏنا آهن. جن مان، مان ۽ جمال پنج ڇهہ تہ ڪاٽي چُڪا آهيون. مون کي شما (شمع) جا لفظ ياد اچي رهيا آهن، جي هُن ٽڏو ساهہ ڀري چيا هئا ، ”حيرت آهي، ڪيئن ٿو اُپري ، ڪيئن ٿو لهي!“ شمع ڪير هُئي؟ منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئن آئي هئي ۽ ان جو تفصيل هاڻي اجايو آهي . بس ، ڪائي ڇولي هُئي، جا درياهہ جو حصو ٿي چڪي آهي . انار ڪليءَ وانگر هن جون ڪجهہ يادگيريون نيپئر روڊ جي ديوارن ۾ پوريل آهن، پر هاڻي ڪيرٿو آثارِ قديمہ جي کوٽ کوٽان ڪري!

ايچ .آءِ مينڪن* چيو آهي تہ ، ”تاريخ نويس هڪ ڪامياب ناول نگار آهي.“ مان هن سان بلڪل مُتفق آهيان. مان جي. اي. پرائوڊ** سان بہ اتفاق ٿو ڪريان تہ ”هڪ تاريخ نويس جو پهريون فرض اهو آهي، تہ هو پنهنجين همدردين تي چوڪسي رکي،“ پر مان تہ پهرين شاعر آهيان ۽ پوءِ تاريخ نويس آهيان. منهنجي لاءِ ائين ڪرڻ ناممڪن آهي. تاريخ ڇا آهي؟ اُها تہ آئينو آهي، جنهن ۾ انسان ذات جا ڏوهہ ، مورکايون ، اياڻايون ، شامتون ۽ نياڳ چِٽا نظر اچن ٿا ، پر اُن جو مطالعو فلسفي جي جَز آهي ۽ اُها اهڙا ماضيءَ جا مثال مهيا ڪري ٿي، جي مستقبل جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. تاريخ پاڻ کي دُهرائي نہ ٿي، پر جي اسان انسان ذات جون اڳي ڪيل حماقتون نہ دهرايون ، تہ بہ وڏي ڳالهہ آهي . دراصل هي تاريخ تي ڪتاب نہ آهي، پر اُن ۾ تاريخ جون جهلڪيون آهن. هيءَ تہ منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو حصو آهي . هئولاڪ ايلس*** ڪٿي چيو آهي تہ ، ”هر ڪلاڪار پنهنجي آتم ڪهاڻي لکندو آهي“ آرٽ هڪ حاسد داشتہ تہ آهي، پر جي پٿائي هن دور ۾ پيدا ٿئي ها تہ هُو شايد ڪنهن روزنامي يا ماهنامي جو ايڊيٽر هُجي ها. دنيا ۾ گهڻ_ ڪُنڊيون شخصيتون ٿيون آهن . فلارنس جو ليونا رڊو ڏاوَنچي نہ رڳو دنيا جي عظيم ترين تصوير ”مونا ليزا“ جو خالق هو پر صنم تراش ،

* ايچ. آءِ مينڪن H.I Menken (1880ع_ 1956ع)
** جي. اي. پرائوڊ J.A. Proude (1818ع_ 1894 ع)
*** هئولاڪ ايلس Have lock Elis (1859 ع _ 1939 ع)

شاعر، انجنيئر، مڪئنڪ، عِلم بدن ۽ بحري حياتيءَ جو ماهر بہ هو. هن پهريون انسان ذات کي هوا ۾ اُڏامڻ جو تصور ڏنو. اهڙي طرح امير خسرو نہ رڳو فارسيءَ جو عظيم شاعر هو پر اردو شاعريءَ جو باني بہ هو. جنهن جهڙيون گهہ مُڪرنيون ۽ غزل جون پياريون سٽون اجا تائين ڪنهن نہ لکيون آهن. هو سپاهي بہ هو تہ ستار جو ۽ ڪلاسيڪي راڳ ۾ خيال جو موجد بہ هو. منهنجي تہ مصوريءَ، صنم تراشيءَ ۽ ٻئي آرٽ ۽ علم جي اظهار جو ذريعو فقط شعر ۽ ادب آهي. اڳي سفر نہ ڪندو هوس تہ گهر ڪاٽڻ ايندو هو. هاڻي پيري آئي آهي تہ ساري ڪائنات ڪٺي پنهنجي ڪمري ۾ سميٽي آتم. اتي ئي مون دوستن سان ڪچهريون ڪيون ۽ ساڻن گڏ ڪيل سير ۽ سفر تي نوٽ ورتا. في الحال پهرين ڀاڱي ۾ مان تر جو سفر ڏيان ٿو. ان کي سفر در سفر جي ڪيفيت آهي، جا مون کان زمان ۽ مڪان جون سرحدون ٽپائي وڃي ٿي.

مان وقت جي درياهہ ۾ ٽُٻي ڏئي، ويرا واهہ مان مٿي ٿو اُڀران ۽ مون کي گوڙيءَ جا کنڊر ٿا نظر اچن.

”پاري ننگر، هاٽوڪي ننگر پارڪر جي شهر کان 14 ميل ۽ ويراهہ واهہ کان اوڀر طرف بہ ميل آهي. ان وقت هتي (عيسوي ٻي صديءَ ۾) جين ڌرم وارن جو راڄ هو. جينن جا ڪيترائي مَندر اڄ تائين بہ پارڪر ۾ آهن. تازو ميرپور خاص ۾، ڪاهوءَ جي دڙي جي کوٽائيءَ مان بہ جين مندر لڌا ويا آهن ۽ ڪي جين مندر حيدرآباد ضلعي جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ بہ لڌا ويا آهن. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اِنهيءَ ٽُڪر ۾ اڳي جين ڌرم جو زور هو. پاري ننگر جا پراڻا کنڊر ويرا واهہ جي ڀرسان آهن. جتي پارڪر ۽ تر جي زمين اچي گڏجي ٿي ۽ ٻئي پاسي ڪڇ جو رڻ زمين ۾ اندر گهڙي آيو آهي ۽ اتي ميل کن ڀري قديم جاين جي پٿرن ۽ سِرن جا ڍير چئن پنجن ميلن ۾ نظر اچن ٿا، جي پنهنجيءَ اصلوڪيءَ صورت ۾ ڪونہ آهن، پر جيئن باهہ ۾ سڙيل لوهہ جا ٽُڪر ڏسبا آهن، اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن شهر ۾ اڳي لوهہ جا وڏا ڪي ڪارخانا هُيا. سڙيل ۽ ڪاٽل لوهہ جا ٽُڪر سڄي پٽ ۾ پکڙيا پيا آهن. هتي جهاز ۽ ٻيڙيون ٺهنديون هُيون، هتي پٿر جي ٻُتن ۽ مورتين جا بيشمار مندر هُيا، جن مان پنجاهہ کن ٻُت، پٿر تي تمام سُهڻي نموني اُڪريل، هن وقت بہ ويرا واهہ جي ڳوٺ ۾ رکيل آهن. جڏهن ويرا واهہ جو ڳوٺ ٻڏو، تڏهن ماڻهن

باقي بچيل بُت چونڊي آٽي، اتي جي مندر ۾ رکيا. هڪ ماڻهوءَ جي قد جيترو پٿر جو بُت ، جو سچو ڪارو ٿي ويو آهي، سو اجا تائين پاري ننگر جي ويجهو هڪ قتل جاءِ تي ٻاهر ڪُتل آهي.“ (تاريخ ريگستان – رائچند هريجن)

اها ساڳي ڳالهہ منگهارام اوجها پنهنجي ڪتاب ”پُراڻو پارڪر“ ۾ هيٺينءَ ريت لکي آهي:

”پاري ننگر، گوڙيءَ جا ڏهرا، ۽ ستيءَ جا ڏهرا (پارڪر) ۾ جين ڌرم جا خاص مندر هُيا. آبُو ۽ ان جي آسپاس بہ جينين جا مندر آهن. پارڪر جينين جو وڏو ۽ خاص مرڪز هو، جتي مندر سان گڏ لاڳو هڪڙيءَ خاص جڳهہ ۾ سندن تبليغي اجلاس ٿيندا هئا. اج تائين اُها جڳهہ موجود آهي، جنهن جي پٿين تي ڌرمي نيتائن جون تصويرون نڪتل آهن. جين ڌرم جا ڪُل چوويهہ پيشوا يا ڌرم نيتا ٿي گذريا آهن . (ڪتاب ۾ ڏنل نالا ورجائڻ ضروري نہ آهن، چوتہ اهي پڙهندڙ جي دلچسپيءَ جو باعث نہ ٿيندا – مصنف)

”جين ڌرم جي مٿين چوويهن ڌرم نيتائن مان يارنهين نمبر، شري انشانات جو جنم سنڌ ۾ ٿيو. سندس پيءُ جو نالو وِشن ۽ ماءُ جو نالو وِشني هو. انشانات ساريءَ هند ۽ سنڌ ۾ جين ڌرم جو زبردست پرچار ۽ ڦهلاءُ ڪيو . ڪيس پنهنجي زماني ۾ اهو ئي پد حاصل هُيو جيڪو مهاوير کي پنهنجي سمي ۾ حاصل هو. اِنشانات عيسوي سن کان اٽڪل پندرنهن سؤ سال اڳ جو آهي. جيئن موهن جي دڙي جو سمو پورو ٿيو، جين ڌرم جي شروعات ٿي. اج ڪيس ساڍا ٽي هزار ورهيہ گذري چُڪا آهن . سندس رهڻيءَ ڪهڻيءَ سنڌ تي ضرور اثر ڪيو هوندو. سندس ديهانت اولهہ بنگال ۾ ٿيو.“

پيرو مل مهر چند پنهنجي ڪتاب ”لطيفي سئر“ ۾ اها ڳالهہ وڌيڪ ڦهلاءَ سان هيٺئن دهرائي آهي:

”نگر پارڪر کان 14 ڪوهہ ۽ مارئيءَ جي ملير کان فقط بہ ڪوهہ ڪن پري، گوڙي نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن جي نزديڪ جين ڌرم وارن جو هڪ عاليشان مندر ٺهيل آهي. جين ڌرم وارا پارسنات جا پوڄاري آهن. پارسنات کي ”گوريچو“ بہ سڏن ٿا ۽ اُن جي پنيان هيءُ ڳوٺ ۽ مندر بہ سڏجن ٿا.

گوڙيءَ جو مندر احاطي اندر آهي ۽ اڳيان دالان اٿس . دالان جو ديدار ئي لک لَهي! هتي رڳو سنگ مرمر ۽ جوڌپور جو پٿر ڪم آندل آهي . ويجهيءَ چڪ ۾ ههڙو عمارتي سامان ملڻ ئي ناممڪن آهي. تنهنڪري هن

عمارت جي سامان جي ڪٽائي ڪيترا هزار رپيا آئي هوندي. دالان جا ٿنيا سنگ مرمر جا ٺهيل آهن ۽ ڇت گولائيءَ تي اٿس. ڀتين تي سُهڻيون تصويرون چٽيل آهن.

دالان ڪان پوءِ هڪ وڏو صُفو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ڇهہ ڇهہ يعني جملي ٻارنهن ڪوٺيون آهن، جن جون ڇتيون گنبذ وانگر آهن. تنهنڪري گوڙي مندر کي ڪي "ڏيرا" (ڏيورا) بہ سڏين ٿا. هر هڪ ڪوٺيءَ ۾ هڪ ٿلهو ٺهيل آهي، جنهن تي رڳو هڪڙو ڄڻو ويهي سگهي ٿو. شايد هيءَ مندر اصل مٺ يا گرو ڪُل تي ڪم ايندو هو ۽ هر هڪ جوڳي يا برهمچاري پنهنجي ٿلهي تي ويهي يوگ ابياس ڪندو هو يا پڙهندو هو. پر متان ننڊ اچي ويجنس، تنهنڪري ننڊ ڪرڻ جي اُتي جاءِ ڪانہ اٿن. ٿلهي تي ويهي ڪو جهوٽا کائيندو تہ مٿو يڪدم وڃي ڀت سان لڳندس جنهن ڪري جهٽ پٽ سجاڳ ٿيندو.

پهرين صفي ڪان پوءِ وري هڪ ٻيو صُفو آهي، پر اُن جو پُٺيون پاسو ٻنو ٻيو آهي. اُتي هڪ وڏو شاهي ٿلهو ٺهيل آهي، جنهن مان ائين ٿو سمجهجي تہ سڀ پوڄن مهل اُتي اچي ڪٺا ٿيندا هئا.

مندر جي ٻاهران پر احاطي اندر، هڪ غفا ٺهيل آهي، جنهن ۾ هيٺ گهِڙي وڃڻ لاءِ ڏاڪا آهن. شايد مٺ ڌاري يا آچاريا (استاد) انهيءَ غفا ۾ وڃي يوگ — ابياس ڪندو هو. ويجهڙائيءَ ۾ سرڪار جي مرضي ٿي تہ اُهو محفوظ ٿيل يادگارن جي ائڪٽ هيٺ آڻجي. پر اوسواڙن اهو مندر سرڪار جي حوالي ٿيڻ نہ ڏنو. اهي اوسواڙ، جي جين ڌرم جا آهن، تن جا بہ انصاف نہ ويچاءِ، جو اهڙو صنعت ۽ ڪاريگريءَ جو ڳهڻو نہ ڪي سرڪار جي حوالي ٿا ڪن، نہ ڪي پاڻ اُن جي مرمت ڪرائين ٿا."

پوءِ پارسنات جي پتلي جي باري ۾ ڏند ڪٿا آهي (دنيا جي ساري تاريخ ڪٿائن سان پري پئي آهي، جا پيرو مل جي مٿين ڪتابن مان پڙهي وڃي.) ان ڪان پوءِ لکيو اٿائين، "جين ڌرم وارا اڄ تائين ڪِٿان ڪِٿان اچي اُهو مندر پيئيندا آهن، جو هيءَ آستان سندن تيرٿ جي جاءِ آهي."

جيتوڻيڪ ڪيترين صدين ڪان يونان مسيحيت جي نُورسان مُنور آهي، يونان جي عظيم شاعر ڪازان زاڪس جڏهن ڊسمبر 1937 ۾ يونان جو سفرنامو لکيو، تہ اُن سفرنامي ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ "گريڪو کي

رپورٽ“ (Report to Greco) ۾ انهن مندرن جو ذڪر ڪيو، جي قبل از مسيح دور جا هئا ۽ جن ۾ هن يونان جون ديوين ۽ ديوتائون ڏاڍي پيار سان ڏٺا هئا. ڇوتہ اُهي هُن جو ماضي هيا ۽ ان جي شعور کان سوا، يونان جي حال ۽ مستقبل جو شعور ناممڪن هو. محمد بن قاسم جي ”فتح سنڌ“ کان پوءِ اسلام سنڌ جي اڪثريت جو دين آهي پر ان جي اها معنيٰ نہ آهي تہ اسان سنڌ جي ماضيءَ کي وساري ڇڏيون. پنجاب بہ ٽڪشلا ۽ هڙاپا جا آثارِ قديمہ محفوظ رکيا آهن ۽ جيڪڏهن گنڌارا دور جا بُت ۽ اسلام کان اڳ جا نوادرات چوري ٿي وڃن ٿا، تہ پاڪستان جي پريس ۾ هنگامو مچي وڃي ٿو. مصر يونيسڪو کان ڪروڙين ڊالر خرچ ڪرائي، ابو سمبل جو سارو مندر پاڙئون اُکيڙي، وڏا ڪرين (Crane) ڪم آڻي، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ رکرايو، جيئن اهو نيل درياهہ جي سيلاب ۾ ٻڏي نہ وڃي. شاهہ ايران قبل اِز اسلام واري عظيم سائرس جي قبر تي متو ٽيڪيو هو. فردوسيءَ اسلام کان اڳ جي تاريخ پنهنجي شاهنامي ۾ زندهہ ڪئي هئي. شهيد ڀٽي لاڙڪاڻي کي سنبارا جو قديم نالو ڏنو هيو. ڏکڻ آمريڪا ۾ ”مُچو پچو“، ”اِنڪا“ ۽ ”مايا“ تهذيبن ۾ دلچسپي پبلو نرودا جي شاعريءَ کي زندهہ رکي آئي، توڙي هن جي اشتراڪيت يو. ايس. ايس. آر سان گڏ غرق ٿي وئي. تاريخ ۾ اهڙا هزارين مثال آهن، جڏهن مسلمان قومن، اسلام کان اڳ جي تاريخ ۾ دلچسپي ورتي آهي. ڇا عرب اُمراءَ القيس کي وڏو شاعر نہ ٿا مڃن ۽ هُن کي اڄا تائين نہ ٿا پڙهن؟ اهڙيءَ طرح مون بہ شاهہ لطيف وانگر نہ فقط جين ڌرم پر ٽڪشلا ۽ پشاور ۾ ٻڌ ڌرم جا بُت ڏٺا، اُنهن ڌرمن تي ڪتاب پڙهيا، جن جي مطالعي جو اثر ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ ۽ ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن“ ۾ آيل سلوڪن تي آهي، جي ساميءَ جي نالي ۾ ڇپيا آهن ۽ انهن ڌرمن جي ڄاڻ کان سواءِ انهن سلوڪن کي سمجهڻ مشڪل آهي. مون انهن کان اڳ بہ ساڳي اثر هيٺ ڪيئي شعر لکيا هئا.

سنڌيءَ ۾ اسلام ۽ هندو ڌرم تي ڪيئي ڪتاب موجود آهن. ڀيرو مل جو ڪتاب ”قديم سنڌ“ سنڌ جي اهڙي تاريخ آهي، جنهن جو ترجمو کهڙيءَ بہ ٻوليءَ ۾ فخر سان پيش ڪري سگهجي ٿو. ڀيرو مل لاءِ سنڌ پريتما بہ هُئي، ماتا بہ هُئي. ڪنهن شخص ۾ پنهنجي ديس لاءِ ايترو اَجهل پيار ورلي ملي ٿو. افسوس جو هن جي سوانح حيات تي ڪوئي ڪتاب

لکيو نہ ويو آهي . نجد جي صحرا تہ هڪ مجنون پيدا ڪيو، پر سنڌ جي صحرا ڪيئي مجنون پيدا ڪيا آهن، جن سنڌ سان ليلي! ڪان وڌيڪ محبت ڪئي آهي . جي مرزا قليچ بيگ، پيرو مل مهر چند، صوفي جيٺمل ، لالچند امر ڏنو مل، پرمانند ميوا رام ۽ ڪي ٻيا اديب پيدا نہ ٿين ها تہ سنڌي نثر الف ليلي، حاتم طائي، امير حمزي جو داستان، گل باصنوبر چہ کرد، چندر ڪانتا ۽ پوتناٿ جي جيوٽيءَ مان نڪري نہ سگهي ها ۽ رڳو عوامي داستان گوئيءَ تائين محدود هجي ها . پر انهن مان ڪنهن بہ جين ڌرم يا ٻُڌ ڌرم تي تفصيل سان نہ لکيو آهي. ها، مون هڪ ٻوڏي ڪتاب "ڌمپد" پڙهيو هو جو پروفيسر نارائڻ داس رتن مل ملڪاڻيءَ پالي ٻوليءَ تان ترجمو ڪيو آهي . اهو ٻڌ ڌرم جو هڪ ڌرمي پُستڪ آهي . ان ڪتاب ۾ ڏنل خيال، تصور ، تشبيهون ۽ استعارا ايترا انوکا آهن، جو دنيا جي ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ مشڪل ملن . جي ناول نويس اِٽاليو ڪئلِو نو (Italio calvino) )* اهو

---

* اٽاليو ڪئلِونو (1923 ع - 1985 ع) هو فوٽو گراف ۾ موهن ڪلپنا وانگر لڳندو هو. هو 1923 ۾ ڪيوبا ۾ ڄائو هو ۽ اٽليءَ جي شهر سئن ۾ رهيو ۽ وڏو ٿيو هو. هو مضمون نگار، صحافي ۽ ناول نويس هو. هن ڪافي ڪتاب لکيا. سال 1970ع ۾ هن کي چوٽيءَ جو اطالوي ايوارڊ مليو. هن جي ڪتاب "اطالوين ڪهاڻيون" ۾ هڪ ڏائڻ هڪ شهزادي کي چئي ٿي "هي هڪ جادوءَ جو ڪتاب آهي، ان جا صفحا اڳتي اُٿلائيندين تہ ماٿهو پکي ٿي پوندو ۽ پُٺ تي اٿلائيندين تہ پکي وري ماڻهو ٿي پوندو." اٽاليو ڪئلونو جنهن اهي ڪهاڻيون سهيڙيون هيون، ان جي بہ ساڳي حالت هئي. هن جا پير اطالوي ڌرتيءَ ۾ کتل هئا ۽ هو سنسار جي ليلا ۾ اُڏرندو رهندو هو. هن اٺاويهہ ناول ۽ ڪهاڻين جا ڳٽڪا، لوڪ ڪٿائون، لوڪ ڪهاڻيون ۽ مقالا لکيا ۽ پورا چار ڏهاڪا محنت ڪيائين. هو سيپٽمبر 1985ع جي وچ ڌاري سينا (Sienca) ۾ سر جي چوٽ لڳڻ سبب مري ويو. تيستائين هن داستان گو جي حيثيت ۾ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي هُئي. هن لاءِ هڪ اطالوي پريزيڊنٽ چيو تہ، "اسان اهو آواز وڃايو آهي، جيڪو ويهينءَ صديءَ جي نهايت آزاد، مربوط ۽ مسلسل آوازن مان هو." هُن کي اهو شاعرانہ تخيل هيو جو انساني وجود جي حقيقت کي سمجهي سگهيو ٿي. هن جا پيءُ ماءُ ديهي معاشيات جا ماهر هئا ۽ هن اوائلي زندگي اطالوي رِويرا (Riviera) تي گريپ فروٽ ۽ وڏي ناسپاتيءَ (San Remo) ان جو اردوءَ يا سنڌيءَ ۾ هم معني لفظ ڪونہ آهي.) جي تجرباتي پوک تي گذاري هئي ، جتي اهڙا ڪيئي وڻ هوندا هئا. هن هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ان وقت کان وٺي مون سرشتيءَ جي سنت – مالها (Opotheosis)بنائڻ چاهي." هن جڏهن سئن ريمو(SAN REMO) جي اسڪول ۾ تعليم پوري ڪئي، تڏهن هُو فوج ۾ ڀرتيءَ جي ڀَو کان ڀڄي ويو ۽ مزاحمتي تحريڪ ۾ شامل ٿي، فاشسٽ فوج جي خلاف وڙهيو. نيٺ ڪئلِونو اشتراڪيت ۽ حقيقت نگاريءَ کي الوداع ڪئي. هن جي ناول Night and Cloren Viscount ۾ هڪ مجاهد (Crusader)بہ اڌ ٿي پوي ٿو.هن جو هڪ اڌ اطالوي سرزمين تي موتي اچي ٿو جتي هو ظلم زبردستيءَ سان حڪومت ڪري ٿو. ڪجهہ سالن کان پوءِ هن جو ٻيو اڌ بہ موٽي اچي ٿو ۽ عوام لاءِ لڙي ٿو. ان کان اڳ ۾ جو هن جي جسم جا ٻئي حصا هڪ ٻئي جو مقابلو ڪن، هُو هڪ جادو ٻتيءَ جي علم سان ٻنهي حصن کي ڳنڍي ڇڏي ٿو. ڪئلِونوچوندو هو تہ، "هر ادبي تخليق جي ابتدا قصو ڪهاڻي آهي.

ڪتاب پڙهي ها تہ حيران رهجي وڃي ها. پر جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم جو يا ان تي ٻيو ڪو ئي سنڌيءَ ۾ خاص ڪتاب منهنجيءَ نظر مان نہ گذريو آهي. ها، جڏهن مان انٽر ميڊيئٽ ۾ پڙهندو هوس تہ ايڊون آرنولڊ جي ٻڌ تي لکيل ڊگهي نظم (Light of Asia) جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڏي ڏي ڪي. آزاد ڪيو هو ۽ اهو اسان جو درسي ڪتاب هو پر انهيءَ ڪتاب ۾ بہ ٻڌ ڌرم جي باري ۾ ڪوئي تفصيل ڪونہ هو ڇاڪاڻ تہ منهنجي هر سفرنامي ۾ سفر درسفر جي ڪيفيت آهي ۽ مان پنهنجي ماحول کان وڌيڪ پنهنجي پاڻ ۾ سفر ڪندو آهيان. اِن ڪري مان چاهيان ٿو تہ هتي جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم تي ڪجھ لکان ڇوتہ اُهي اسان جي تاريخ جا حصا رهيا آهن.

دراصل محمد بن قاسم جي ٻڌ ڌرم وارن مدد ڪئي هُئي، ڇوتہ انهن جو هندو ڌرم وارن سان تضاد هو پر جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم تي لکڻ جو ڪارڻ اِهو نہ آهي. مان هندو ڌرم ۽ اسلام تي بہ لکڻ چاهيان ٿو ڇوتہ اُهي هن ڌرتيءَ جي تاريخ جو حصو آهن. نہ رڳو اهي پر زردشتي مذهب تي بہ لکڻ چاهيان ٿو ڇوتہ پارسي قوميت سنڌ جي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

مان چاهيان ٿو تہ وقت جي درياھ مان جڏهن ٻيهر اُپران، تڏهن گجرات واري محمود بيگڙي جي پرسان سِرُ مٿي ڪري دنيا کي ڏسان. في الحال مان جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم تي ٿو اچان. اهي مندر ڏسي جوئي، جمال ۽ ڀِٽيءَ ڇا تي سوچيو اهو تہ مان چئي نہ ٿو سگهان. پر مون کي *"ٿارو" جو قول ياد آيو تہ "جي مان اُتي ڪُنڊ ڪُنڊ نہ ڏسندس ۽ اُچاتريءَ نظر سان ڏسي هليو ويندس تہ جڻ ازل کي گهائي ويندس." ان کان هڪ رات اڳي، جڏهن اسان نگر پارڪر جي ريسٽ هائوس ۾ هڪ بجي تائين وسڪي پي رهيا هئاسين (ان جي تفصيل تي مان پوءِ ٿو اچان) تڏهن مون کي خيام جي هيٺين رُباعي ياد اچي رهي آهي:

---

هڪ خوش خلق مهذب ۽ بلند ظرافت سان، ڪئلِونو پنهنجن ڪردارن کي پنهنجي دؤر جي نفسيات ڏني. هن ۾ ادبي ڪلابازيون ڪافڪا جي نموني واريون آهن، پر اهي وَرلي اداس آهن، هن جو ڪهاڻيءَ سان لڳاءُ هر صفحي کي هڪ ڪوسي ڪچ بڻائي ٿو ڇڏي (ٿائيم رسالو) مون ڪئلِونو جي باري ۾ ايتري تفصيل سان لکيو آهي ڇوتہ هن جو مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب جڻ منهنجي آتم — ڪهاڻيءَ جو حصو آهي ۽ ڪئلِونو جي نثر ۾ جا زندگيءَ ۽ آرٽ جي ڪيفيت آهي، سا منهنجي نثر ۾ بہ ملي ٿي.

* ٿارو (thoreau) آمريڪي فطرت پرست، جو 1837ع ۾ ڄائو ۽ 1909ع تائين جيئرو رهيو.

این قافلۂ عمر عجب می گزرد،
درياب دمی کہ با طرب می گزرد،
ساقي غم فردائي حريفان چہ خوری،
پيش آر پيالۂ کہ شب می گزرد،

(هي عمر جو قافلو عجب طرح سان وچي رهيو آهي،
اُهو پل هٿ ڪر جو مزي سان گُذري رهيو آهي.
اي ساقي! حريفن جي ٻي ڏينهن جو ڪهڙو تو اونو ڪرين،
پيالو اڳيان آڻ، جو رات گذري رهي آهي.)

جڏهن اسان جين ڏرم جا اُهي مندر ڏسي رهيا هُياسين، تڏهن مون کي * فٽز جيرالڊ جي رباعياتِ عمر خيام جي انگريزي ترجمي مان هڪ رباعي ياد اچي رهي هئي. مون حافظي کي ڏاڍو کوٽيو پر پارسيءَ ۾ اصل ڳولي نہ سگهيس. فٽز جيرالڊ اِها رباعي پاڻ ٺاهي آهي، پر چاڪاڻ جو اُن ۾ عمر خيام جو روح آهي، هن ان کي بہ رُباعيات عمر خيام جي ترجمي ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي جيئن مون پنهنجا ڪي اصلي اردو غزل وغيره سچل، ساميءَ ۽ سانگيءَ جي تخلص سان لکيا آهن. جي پهرين "ريگستاني پهول" ۾ ڇپيا هُيا ۽ هاڻي "نيل کنٹھ اور نیم کے پتے" ۾ شايع ٿيا آهن ۽ جن ۾ روح سچل، ساميءَ ۽ سانگيءَ جو آهي. فٽز جيرالڊ جي انهيءَ خيام واري رباعيءَ جو انگريزي ترجمو جو مون کي ان وقت بارِ بارِ ياد اچي رهيو هو سو هينئينءَ ريت آهي:

لکندڙ آڱر لکي ٿي ۽ لکي ڪري،
اڳتي وڌي وڃي ٿي، نہ تنهنجي ساري تقويٰ نہ ذهانت،
اُن کي اِن ڳالهہ تي هِرڪائي سگهي ٿي تہ اُها پنهنجي لکيل اڌ سِٽ بہ رد ڪري،
۽ تُنهنجا سارا ڳوڙها ان جو هڪ لفظ ڌوئي نہ ٿا سگهن.

مان ڀانيان ٿو تہ جي مٿين رُباعي فٽز جيرالڊ جي لکيل آهي تہ اُها بہ ايتري ئي چڱي آهي، جيتريون عمر خيام جون فارسي رباعيون آهن. مون کي دنيا جي بي ثباتيءَ تي خيام جون ٻيون بہ ڪيئي فارسي رباعيون ياد آيون، ڇوتہ جڏهن مان پنجون درجو انگريزي پڙهندو هوس تہ مون کي عمر خيام

* فٽز جيرالڊ (Fitz Gerald) انگريز شاعر (1853ع ـ 1883)

جون ساريون رباعيون، حافظ جو سارو ديوان، علامہ اقبال جا ڪجھ ڪتاب.ديوان غالب ۽ گلستانِ سعديءَ جو نثر بہ ياد هوندا هئا.

اهي جيئن مندر ڏسي، مون کي شيڪسپيئر جي هيءَ سِٽ بہ بار بار ياد اچي رهي هئي:

O, call back yesterday, bid time to return.

ترجمو: (او ڪلھ کي پٺ تي موٽاءِ ۽ وقت کي چئہ تہ واپس اچي.)

”وقت ڪيتريءَ نہ تيزيءَ سان گذري رهيو آهي،“ مون سوچيو ”ڪنهن وقت اسان جي بہ پيري ايندي ۽ آخر اسان بہ هڏا هونداسين. ممڪن آهي تہ واچ ۾ مينهن اسان جون قبرون ڍاهي ڇڏي ۽ سنگ لحد متائي ڇڏي ۽ اسان جا هڏا بہ پُري ڪڻ ڪڻ واريءَ يا ٻُر ٻُر مٽيءَ سان ملي وڃن. ان وقت منهنجو وجود ڪٿي هوندو جنهن اها شاعري تخليق ڪئي هئي!“

هي ماڻهو بہ ڪيڏا نہ عجيب ها. جي ننگ ڏڙنگ انهن ڏهرن تي انترِ ڏيان هوندا هُيا ۽ اک نہ لائيندا ها ۽ جي هنن کي اک لڳي ويندي هئي ۽ هنن جو مٿو ويجي سنگ مرمر جي پٽ سان لڳندو هو اُهي ڇا سوچيندا هيا؟ انهن جي نظر ۾ ماڻهوءَ جي مُڪتي ڇا ۾ هئي؟ هُو تن کي تسا ڏئي، پاڻ کي سَرءُ ۾ ڪاني جهڙو ڪري ڇا پائيندا ها؟ اُن وقت تہ مون کي اهو سوچي پانواٽي اچي رهي هئي.

هاڻي مان اچان ٿو جين ڌرم ۽ ٻُڌ ڌرم تي، پر پهرين اُن دور جي *

---

* نوٽ: اهو ضروري نہ آهي تہ مان سنڌيءَ جي اسڪالرن وانگر انهن ڪتابن جي لسٽ ڏيان، جن تان مون اهو مواد ورتو آهي. گھڻو ڪري سنڌي اسڪالر هڪ ڪتاب پڙهي، ان تان مواد وٺندا آهن ۽ ان ڪتاب ۾ جن ڪتابن جو حوالو هوندو آهي، انهن ڪتابن جا نالا بہ ان لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن ۾ سندن مطالعي هيٺ ڪتابن جي فهرست شامل هوندي آهي. بهر صورت مون جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم تي لکڻ وقت هي ڪتاب خاص طور ذهن ۾ رکيا:

1_ ول ڊيورانٽ (will Durant) جو اسان جو مشرقي ورسو (Our oriental Heritage) اهو ڪتاب هن جي ضخيم ڪتاب story of civilization (تهذيب جي ڪهاڻي) جو پهريون حصو آهي ۽ 1000 صفحن تي ڦهليل آهي.

2_ دنيا جي مذهبن ي انسائيڪلوپيڊيا (The encyclopedia of world religions)

3_ مئڪس ويبر (Max weber) جي ٽہ_ڪتابي (Triology) جو هڪ حصو ’هندستان جا مذهب‘ (The religions of India)

4_ Ammary Deiri Coubrt جو لکيل ڪتاب ’هندستان جو روح‘ (Soul of India)

5_ لوڪيات_ هندستاني ماديت جو مطالعو (Lokyata “A study of Indian Materialism”)

هندستان تي ڪجهہ لکان ٿو:

جيئن قديم يونان ۾ تصوريت پسند ۽ ماديت پرست مڪتبۂ خيال جا ماڻهو هئا، ڪي شڪم پرور عياش،چٽورا ۽ ڪامي (Epicureans) ها، ڪي سِنڪي (Cynics) ها، ڪي سوفطائي (ستياپاس وادي: Sophists) ها ۽ ڪي رواقي (ويراڳي:Stoics) ها. مهاوير واري دور ۾ بہ هندستان جي ساڳي ڪيفيت هُئي. ڪي اننت ۽ اپار سنسار ۾ وشواس ڪندا ها ۽ ڪي لوڪ يات (اُها ڳالهہ جا حواس سان وابستہ هجي) ۾ ويساهہ رکندا ها. لوڪ يات هڪ ماديت پرست نظريو هو جنهن ان ڳالهہ کي دهرايو ٿي تہ اٽن (Atoms) کان سواءِ ڪنهن شيءِ جو وجود نہ آهي. انهيءَ نظرئي رکندڙ ماڻهن ساري علم جو بنياد ادراڪ پٺي سمجهيو ۽ استدلال ۽ انومان کي رد ٿي ڪيو ۽ حيات بعد از ممات کان بنهہ انڪار ٿي ڪيو. لوڪ يات وارا ويدن کي نڪمٽي، اجائي ۽ واهيات بڪ شڪ سمجهندا ها ۽ اُن ۾ تي عيب سمجهندا ها، ڪُپتيائي ۽ ڪوڙ اندريون وچن[11] _ وروڌ ۽ خالي پيلي دُهراءُ. جيستائين برهمڻ جي شاستر[2] _ وڌي جو سوال هو اُها رڳو ڏرمشٽ[3] نڳي هئي. " انهن جي سکيا هئي تہ جڙ پدارٿُ[4] (مادو) سوچي ٿو پرلوڪ ڪونہ آهي ۽ موت هر شيءِ جي پُڄاڻي آٿي ٿو. بيا ترڪٽ[5] هيا، جيڪي پاڻ کي بُڌي وادي (تعقل پسند) سمجهندا ها ۽ ماده پرست ها، پر پو بہ ويدن جي شُڌتا ۽ پوترتائي (پاڪيزگيءَ) کي مڃيندا ها.

مسڪِرن گهوشالا (مسڪرن هنديءَ ۾ خدا رسيده درويش کي چوندا آهن) هڪ تقدير جو قائل تعقل پسند هو جنهن هن ڪائنات جي باري ۾ هڪ ستائتو وشوَڪوش (باترتيب قاموس يا اينسائيڪلوپيڊيا) رچيو ۽

---

6_ 'حيرت جيڪا هندستان هو' (The wender that was india) جيڪو اي اي ياشم جو لکيل آهي ۽ مون کي منهن جي دوست يوسف شاهين تحفي طور ڏنو هو.

7_ "يڳوان بڌ" جو پرڪاش پندت جو اردوءَ ۾ ورمانند ڪوسمبيءَ جي ساڳئي نالي واري مرادِي ڪتاب تان ترجمو آهي، جو مون 1963ع ۾ ساهتيہ اڪادمي نئين دهليءَ مان ورتو هو.

8_ هندستان جي تاريخ: خوشونت سنگهہ

9_ 'Sources of Indian History' جنهن جو مصنف ائن-ميلي-ٽي- ايمبري آهي.

1 وچن وروڌ: تضاد.

2 شاستر وڌي: مذهبي ارڪان

3 ڏرمشٽ: دينائتي

4 جڙ پدارٿ: مادو

5 ترڪٽ: مناظري باز

جنهن جو نظريو هُن کان پوءِ ايندڙ جين ڌرم وانگر هو ۽ ممڪن آهي تہ اُهو نظريو آريائي دور کان اڳ جي سائنس ۽ نفسيات تي ٻڌل هو. هُن جا پوئلڳ جي اجيوِڪا[1] سڏبا ها. اهي تقدير جا بنهہ قائل هُئا ۽ جيڪي چوندا ها تہ ڪيتري بہ سداچار ۽ تپسيا سان پُنرجنم جي فطري حياتياتي رفتار کي نہ تڪڙو ڊوڙائي سگهجي ٿو ۽ نہ ڍرو ڪري سگهجي ٿو ۽ چڱائي آخري نجات لاءِ ڪارآمد نہ ٿي ٿئي. اها نقلي سائنسي مشيت (Pseudo Scientific determinism) آهي ۽ ايتري بي ترس ۽ اڻ مُڙ آهي جيترو ڪوبہ تصور ماڻهوءَ جي من ۾ نہ آيو آهي. هن سِٽاوَ اَپيد ۽ اَڇيد جي جيءَ وستوءَ (Life-monad) کي چوراسي هزار جنم جا ڦيرا ڏيڻا ها. جيتوڻيڪ جان ڪئلون[1] جي پيروڪارن وانگر اُنهن جي دعويٰ هُئي تہ چڱا ڪم نجات کي ويجهو نہ ٿا آڻن، پر اُهي نجات جي طئي شده رستي تي سنگ ميل آهن. ان ۾ اهو مضمر هو تہ نجات جي گهڙي ويجهو هوندي بہ، انهن لاءِ نجات جي راهہ هموار نہ ٿي ڪئي. عام طرح ڌرم ارٿ ڪرتوت (متقي ڪم)، ويچار ۽ نيتي چڱي ڪاريہ لاءِ ڦلاٽتا هُيا، پر اُهي اڻَ ٽر اوُسراڻ جو سڏانت (نتيجو) هيا.

ٻيا تيرٿن ڪر[2] هُيا، جن اها دعويٰ ڪئي تہ هنن رستو ڳولي لڌو آهي. "مانوَ ڌرم شاستر" نالي ڪتاب ۾ ٻيا بہ ڪيئي پنٿ ٻڌايل آهن، جي پوءِ ويسر واري ڇڏيا آهن. "ڪوسمبي" نالي مهاراشٽرا جي اديب "ڀڳوان ٻڌ" ۾ لکيو آهي تہ اُن وقت ٻُڌ فرقي ڪانسواءِ ٻاهٺ فرقا ٻيا بہ ها. انهن مان ٽي وڃي رهيا. نگنٿ[3] (ر ٻنڌن کان آزاد)، ناستڪ ۽ پاشنڊي (جي بنهہ مُرتد هيا). اسان کي سنجي جهڙا ماڻهو بہ ملن ٿا. جو هڪ سِنڪي24 هو ۽ جنهن پنهنجي پاڻ کي ڄاڻڻ جو هر امڪان رد ڪيو هو ۽ اهڙا ٻيا بہ ها جي الڳ

1 اجيوڪا: هنديءَ ۾ جيئڻ جي طريقن کي چئبو آهي.

نوٽ: هندي فلسفي جي صحيح فهم لاءِ هندي لفظ ڏنا ويا آهن. انهن سان گڏ ڏنگين ليڪن ۾ هم معنيٰ فارسي لفظ ڏنا ويا آهن. جو تہ هندي لفظ پاڪستان ۾ گهٽ مستعمل آهن.

1 جان ڪئلوِن John Calvin (1509ع کان 1564ع تائين) هو فرينچ دينيات جو ماهر، مصلح ۽ جديد پريسبيٽرينزم (Pessbeterianism) جو منظم ڪندڙ هو هو پنهنجي فلسفي ۾ قضاءِ قدر (predestination) تي زور ڏئي ٿو.

2 تيرٿنڪر: جن تيرٿ ڪيا ها.

3 نوٽ: مان پانيان ٿو تہ اهو لفظ نرگرنٿ (ڪنهن ڪتاب کان سواءِ) جو "ڪوسمبي" بہ ڪم آندو آهي.

4 سنڪي_ شڪي، ناستڪ، Sceptic

الڳ متا رکندا ها. جي بنهہماديت پرست ها يا عيش پسند ها ۽ انهن ۾ بہ اڪث فرقا ها جي ذهني درهمي برهميءَ جا آئينہ دار ها. مغرب ۾ اهڙو دؤر تہ هن صديءَ ۾ آيو آهي، جنهن ۾ ايتري ذهني آشفتگي آهي.

فلسفي ويروسينا (Virocena) جي باري ۾ غير معتبر ڪهاڻين ۾ چيو ويو آهي تہ هن جو سنديش[1] هو تہ ”پنهنجي پاڻ کي ڌرتيءَ تي خوش رکڻو آهي. پنهنجي پاڻ تي ڌيان ڏيڻو آهي. جيڪو پاڻ کي هن ڌرتيءَ تي خوش رکي ٿو پنهنجو خيال رکي ٿو اُنهيءَ کي ٻئي جهان ملن ٿا، هي بہ ۽ هُو بہ. اهو پڙهي مون کي ’ڪازان زاڪس‘ جو هڪ لطيفو ياد آيو:

هڪ عبادت گُذار شخص کي ڪنهن چيو ”تون عبادت نہ ٿو ڪرين ۽ سارو وقت هِن جهان جو خيال ٿو رکين، پر جي هُو جهان نڪري پيو تہ اُهو تہ تولاءِ ڇُٽو.“

ان تي اُنهيءَ شخص جواب ڏنو تہ، ”تون سارو وقت عبادت ٿو ڪرين، ۽ ٻئي جهان لاءِ هي جهان ترڪ ڪري ڇڏيو اٿئي، پر جي ٻيو جهان نہ نڪتو تہ تنهنجا تہ ٻئي جهان ويا، هي بہ ۽ هُو بہ.“

مناظري بازيون، روح، خدا ۽ ڪائنات جي باري ۾ اجايون، اَڪُٿ قياس آرايون، جن ۾ اتي مان وار ٿي ڪڍيا ويا، ڏيري ڏيري ماڻهوءَ ۾ آرِس، ڳهر ۽ ڪِرپ آڻيندڙيون ويون ۽ اِن ساري ڪتراڳ مان، هنن جي دل ڪِتي ڪري وڌائون. ماڻهوءَ کي فلسفي جو نڪ تائين ڍءُ ٿي ويو. جي اُن وقت جي همعصر تاريخ ڏسبي تہ رڳو چين ۾ ٿي هڪ سو مڪتبہء فڪر ملندا. انهيءَ گهٽيءَ دانش وريءَ، جا انساني جذبات کان عاري هُئي، بالآخر اهو احساس ڏياريو تہ مابعدالطبيعات نہ رڳو بيڪار آهي، پر مڪروهہ ۽ ناگوار بہ آهي. هندستاني ثقافت پنهنجي تخليقي امڪان جي خاتمي تي پهچي، ٽڪجي هِڃ ٿي پئي. ”ڪوسمبي“ تہ ان دور جي سنياسين جي بي لغاميءَ ۽ نفس پرستيءَ جؤن ڪي اهڙيون ڳالهيون لکيون آهن، جو بي اختيار ايراني شاعر ”صحبت لاريءَ“ جو هيٺيون شعر ياد اچي ٿو وڃي:

*قصہ سرگزشتِ من چيست؟ ز کُنج مدرس*
*خرقہ بدوش آمد و بادہ پرست مي رود.*

---

[1] سنديش- پيغام

(منهنجي آتمر ڪهاٽي ڪهڙي آهي؟ مدرسي جي ڳُنڍ مان ڳُلهي تي خرقو ڪٽي آيس ۽ باده پرست ٿي وچان ٿو.)

ان تهذيب جي خزان ۾ تمدن جي دور ۾ وِڪ وڏائڻ کان اڳ ۾ ٻہ ماٺهو پيدا ٿيا، جن کي ان دور جي "آتمر_ وديا"[1] ۽ "سرو شپ واد"[2] لاءِ ڏڪار هئي، جي ناستِڪ – مت سان ناتو رکندا ها ۽ جي ٻئي کتري هيا ۽ بنيادي طرح برهمڻ ورودي[3] هيا، ۽ جن هندستاني تاريخ جي اُنهيءَ ثقافتي دؤر جو خاتمو آندو ۽ اهي هُئا مهاوير ۽ گوتم ٻُڌ.

اهو پوري طرح معلوم ڪرڻ مشڪل آهي تہ اج کان 2500 سئو سال اڳ اقتصادي، سياسي ۽ اخلاقي حالتون ڪهڙيون هيون، جڏهن جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم وجود ۾ آيا. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ جڏهن آريا اقتدار مستحڪم ٿي چڪو هو تڏهن کان ڪافي مادي ترقي ٿي هئي ۽ پاٽلي پترا ۽ ويشاليءَ جهڙا وڏا شهر وجود ۾ آيا ها. صنعت ۽ واپار دولت جي جهومر پيدا ڪئي هئي، جنهن انسان لاءِ فرصت مهيا ڪئي هئي ۽ فرصت ثقافت ۽ علم کي ترقي ڏني هئي. مذهب خوشحاليءَ ۾ نہ ڦهلندو آهي. اهڙي دؤر ۾ حواس تقويٰ مان جند ڇڏائي وٺندا آهن. جيئن چين ۾ ڪنفيوشس ۽ يونان ۾ پروتاگورس (Protagoras)،ائين ئي مهاوير۽ ٻُڌ هندستان ۾ پراڻي مذهب جي دانشورانہ تخريب، اخلاقي تذبذب ۽ انارڪيءَ جي دؤر ۾ پيدا ٿيا هئا. جين ڌرم ۽ ٻُڌ ڌرم ۾ جيتوڻيڪ انهيءَ دور جي اُداس ماده پرستي آهي، جنهن جو جادو ٽُٽي چُڪو هو تڏهن بہ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اُهي ڌرمَ اُن دؤر جي عيش پرستيءَ خلاف مذهبي رِدعمل هئا، جنهن جون رنگ رليون فرصت واري دولتمند طبقي ۾ هُيون.

اُن دؤر ۾ هندستان ۾ وڏيون رياستون نهي رهيون هيون ۽ اُهي هيون ڪالنگا (هاڻوڪيءَ اوڙيسا۾)، اونتي (هاڻوڪيءَ مالوا ۾)، سُوراشترا (ڪاٺياواڙ ۾)، مُلڪا (متئين گوداوريءَ تي). ان مان ظاهر هو تہ هندستان ۾ ان وقت ۾ سامراجي (مهاجني) طرز وارو نظام هو. هڪ ٻوڌي شاستر "للت وستر" ۾ آيو آهي تہ ٻُڌ جي دؤر ۾ سورنهن رياستون هيون، جن جا صدر

---

1 آتمر وِديا: مابعد الطبيعات

2 سروُشپ واد: آفاقي رجائيت

3 برهمڻ وِرودي: برهمڻ دشمن.

مهاراجا هيا. اُن وقت مهاجن کي راجا چيو ويندو هو. اهي رياستون هيون:

1_انگ، جا مگڌ ديس اوپر بهار ۾ هئي، پوءِ ان کي فتح ڪيو ويو ۽ مگڌ ديش سان ملائي انگ مگڌ نالو رکيو ويو. 2_ مگڌ ديش (ڏکڻ بِهار) 3_ ڪاسي (بنارس) 4_ ڪومل (اوڌ) 5_ وِجي (اتر بهار) 6_ مَل (گورک پور) 7_ چيتي (جمناتي) 8_ وَنس يا وَتس (الله آباد) 9_ ڪورو (دهلي) 10_ پنچال يا پانچال (بريلي) 11_ مَڇ يا متسيہ (جئپور) 12_ سورسين يا شورشين (متڙا) 13_ استڪ يا اسمڪ (گودا وَري) 14_ اَونتي (مالوا) 15_ گنڌار يا گانڌار (پشاور) 16_ ڪنبوج يا ڪامبوج (ڏکڻ ڪشمير ۽ ڪافرستان). ان ۾ سنڌ ديش جو ذڪر نہ آهي، ڇوتہ هاڪڙو نديءَ سنڌ کي باقي هند کان ڌار ٿي ڪيو ۽ باقي هند سنڌ جي حالت کان ذري گهٽ بي خبر هئي. انهيءَ ثقافتي ۽ سياسي ماحول ۾ مهاوير پيدا ٿيو هو.

مان ٽُبيءَ ۾ اچي وچان ٿو. جويو جمال ۽ پَتي ڪنڌيءَ تان نظارو ڪن ٿا. اڪين اڳيان جين سَمي جا عجبائتا مندر اُبري اچن ٿا، جي ابو پهاڙ ۽ سِروان بيلگولا (Sravan Belgola) ۾ آهن ۽ جين وچولي دؤر جي سنساري ماڻهوءَ جي اٿاهہ ڏن ۽ ڌرمشتتا[1] جي ساک پرن ٿا. ان دؤر جا ڪي رشي، مُني ۽ سنياسي ماڻهو بہ شاعر هوندا هئا. 14 صديءَ ق. م جو هڪ برک شاعر نوچندر هو پيو مَلي ناٿ[2] هو جنهن ڪاليداس جي شاعريءَ تي بهترين تبصرا لکيا ها. ڪي جين سنياسي وڏا ساهتيہ پريمي هوندا ها. ڪنهن بہ قلمي نسخي جو ترجمو پوءِ اهو نسخو دنيوي ئي ڇونہ هجي، هڪ مذهبي فريضو سمجهيو ويندو هو. هندستان جي جهونن جين مَنن ۾ اهڙا ڪيئي ڪتاب آهن، جي اڃا ڇاپيا نہ ويا آهن ۽ جي جين ڌرم جا بہ نہ آهن. خود جين ڌرم جو باني ”وردمن مهاوير“، جو 540 ق. م ۾ پيدا ٿيو هو اُهو شاعر بہ هو.

مان مهاوير ۽ جين ڌرم تي اچان، ان کان اول هي مهاوير جا شعر لکان ٿو جي هن پنهنجي چيلي گوتم (اهو گوتم بيو ڪوئي هو، گوتم ٻُڌ نہ هو) کي ٻڌايا ها:

”جيئن هڪ پَن جو وقت گذري ٿو وڃي

---

1 ڌرمشتتا: ديناداري

2 ملي: پراڪرت ۾ هڪ خوبصورت تڙيل بوٽي کي چيو ويندو آهي.

۽ اُهو مُرجهائجي، سُڪي ٿو وڃي.
۽ ورڻ مان ڇٽي ڌرتيءَ تي ڪري ٿو
ائين ماڻهوءَ جو جيون آهي،
گوتمَ نِتُ ڇُوڪس رَهُه!"
"جيئن گاهه جي پتيءَ تي ماڪ ڦڙو
رڳو هڪ گهڙي رهي ٿو
ائين آهي ماڻهوءَ جو جيوَن
گوتم نِت ڇوڪس رهه!"

❋

"جوته آتما پنهنجيءَ ويسرائپ ۽ بي پرواهيءَ
جي ڪري پيڙا سهي ٿي
۽ ترِ لوڪ ۾ ڦيريون پائيندي وڃي ٿي
گوتم، نِت ڇوڪس رهه!"
"جڏهن سرير ڏٻرو ٿي وڃي ٿو ۽ وار اڇا ٿي وڃن ٿا ،
۽ ماڻهوءَ جون پراڻ آڌاري[1] شڪتيون پوريون ٿي وڃن ٿيون.
تڏهن نراسائي ۾ روڳ وچڙي وڃن ٿا ۽ ماس ڳري وڃي ٿو .
گوتم! نت ڇوڪس رهه!"

❋

"ان ڪري سارو موهه تياڳي ڇڏ
۽ هڪ پوَتر ڪمل وانگر ٿيءُ يا سَرءُ ۾ جل وانگر ٿيءُ!
هر موهه کان آجو ٿيءُ
گوتم! نت ڇوڪس رهه!"

"گوتم نت ڇوڪس رهه!" جي ورجاءَ ۾ جڻ هڪ جديد نظم جي خوشبوءِ آهي. لڳي ائين ٿو ته شاعري ابد الآباد کان آهي ۽ هر مذهب کان اڳ ۾ ئي ان جي پيڙهه پئي آهي. هر پيغمبر کان اڳ شاعر پيدا ٿيا هئا ۽ انسان ذات توڙي پوري ڪائنات کي شاعريءَ جي آغوش ۾ آندو هيائون.
هڪ ڇوٿينءَ صديءَ جي جيني سنياسي "پُوجيه پَد" جو ڏگمبر پنٿ

[1] پراڻ آڌاري شڪتيون ـ حياتيءَ جو قوتون .

## ڪٿي نہ پهچڻ وارا مسافر

(ان پنٿ جو ذڪر مان اڳتي هلي ڪندس) جو هو انهيءَ جا شعر آهن:

"سرير، گهر، ڌن ۽ ڌرم پتني[1]
پُٽ، مِتر ۽ شترو[2]
اِهي سڀ آتما کان بي نياز آهن.
رڳو مورک انهن کي پنهنجو سمجهن ٿا."

"پنڇي هر ڏس کان اچن ٿا
۽ وڻن ۾ گڏجي وسرام ڪن ٿا.
پر پرهہ ڦٽيءَ جو هر ڪوئي پنهنجي واٽ وٺي ٿو
۽ اُهي سيئي ٻئي ٻئي پار وڃن ٿا."

※

"مرتيو[3] منهنجي لاءِ نہ آهي، سو مان ڇو ڊپ ڪريان؟
روڳُ[4] منهنجي لاءِ نہ آهي، پوءِ مان ڇو نراس ٿيان؟
مان ٻار نہ آهيان، نہ ڳڀرو آهيان ۽ نہ وري ٻڍو آهيان.
اِهي سڀ اوستائون[5] منهنجي سرير جون آهن."

※

بار بار مون پنهنجي مورکپائيءَ ۾ ماٿيو آهي،
پنهنجي پانت سرير کي ۽ انهيءَ کي ڏڪي ڏار ڪيو آهي،
هاڻي مان ڏاهو ٿيو آهيان
مان ان ڪِن ڦٽ لاءِ ڪيئن سِڪان؟
"آتما هڪ ڳالهہ آهي، جڙپدارٿ[6] ٻي ڳالهہ آهي
اهوئي سچ جو نِچوڙ آهي
ٻيو جو ڪجهہ بہ چيو وڃي
رڳو پٽاڙ آهي."

---

1 ڌرم پتني: زال، گهر واري
2 متر ۽ شترو: دوست ۽ دشمن
3 مرتيو: موت
4 روڳ: مرض
5 آوَستا: حالت
6 جڙپدارٿ: مادو (Matter)

چا ٽئگور جي شاعريءَ ۾ مٿين نظم جو پڙاڏو نہ آهي. مون کي تہ ”گيتانجليءَ“ جو پنو پنو ان سان گونجندو نظر اچي ٿو. دراصل ڀارت جي سوچ هڪ اکٽ زنجير وانگر آهي، جنهن جو ڪڙو ڪڙي سان جڙيو پيو آهي. خاص ڪري شاعري تہ ان تسلسل جو حصو آهي، جنهن بہ اهو تسلسل ڇڳو آهي، ان جي شاعريءَ ۾ اجنبيت پيدا ٿي آهي ۽ اُها قاريءَ جي روح کي گرفت ۾ آڻي نہ ٿي سگهي.

جيئن مون مٿي چيو آهي، اهو مهاوير، جين ڌرم جو باني هيو. جين ڌرم جيتوڻيڪ هن وقت رڳو ڀارت ۾ موجود آهي، ان کي ٻُڌ ڌرم جيترو ئي هندو ڌرم سان مٿڀيڙ آهي. ٻُڌ ڌرم وانگر، اهو هڪ ڌرم – ورڌ[1] سنياسي جي سڌانتن[2] تي ٻڌل آهي، جنهن ڇهين صدي قبلِ مسيح ۾ ۽ پنجين صدي قبل مسيح جي شروعات ۾ ان خطي ۾ تعليم ڏني، جنهن کي هاڻي بهار ۽ اتر پرديش چيو وڃي ٿو. مان جيئن اڳي چئي چُڪو آهيان، هُن جو نالو ورڌمن مهاوير هو. هُو ٻڌ جو همعصر هو. چيو وڃي ٿو تہ هو چوويهون ۽ پويون تيرٿنڪار هيو يا سِرشٽيءَ جي بگاڙ وقت پويون وڏو جين ڌرم جو مهان اڌياپڪ[3] هيو. باقي ٽيويهہ تيرٿنڪار 250 سال اڳي ٿيا ها. ممڪن آهي تہ اهي بہ تاريخي شخصيتون هجن، جن جي اڻ گهڙيءَ سکيا کي مهاوير جنديءَ تي چاڙهي پيش ڪيو ۽ پنهنجا رچي راس ٽيل سڌانت ڏنا ۽ انهن جي منن جا سارا سنياسي هن جا شش[4] تي ويا.

مهاوير، ٻڌ وانگر هڪ مهاراجا جو پٽ هو، جو گنگا جي اتر ۾ راڄ ڪندو هو. ٽيهن ورهين جي عمر ۾ گهر ڇڏي سنياسي ٿيو ۽ جنم مرن جي چڪر ۽ پنرجنم مان مڪتيءَ جي ڳولا ڪيائين، جو ان سمئہ ۾ هر ڪنهن چيتن من کي اُگرو ۽ خوفائتو ٿي لڳو. ٻارهن سال هو رتن ڪندو رهيو ڪپڙا ڍڪاري ڇڏيائين، جيئن آجڪائي پائي سگهي ۽ ڌرتيءَ جا ٻنڌڻ ٽوڙي سگهي. هن گرميءَ سردي جا ڏاڪڙا سٺا، جيئن اُپڪار ۽ ڪُٻڌ واري ڪرم

---

1 ڌرم ورڌ_ مذهب دشمن
2 سڌانتن – تعليم، متن
3 مهان اڌياپڪ: عظيم استاد، اعليٰ معلم
4 شش: مُريد، پوئلڳ
⁂ نوٽ: هندو ڏند: ڪٿا موجب، پارس هر ڌاتوءَ کي سون ۾ بدلائي سگهندو آهي. جين ارٿ کي بہ پارس چئبو آهي. پارساناٿ جو پتلو پاري ننگر ۾ هيو جتان پوءِ اُهو گم ٿي ويو.

جو بوجو هٽائي سگهي، جو هن جي آتما تي ڳرو بار ٿي پيو هو. ڪجهہ سال هو گوسالا سان گڏ هو (جنهن جو ذڪر مان اڳيئي ڪري چُڪو آهيان ۽ جو هڪ ڌرم ورڌ فرقي ”اجيوڪا“ جو باني هو) پر پوءِ هڪ سنياسي اڪيلي ٿي پيا ۽ هرڪو پنهنجي منهن ويو. مهاوير تن کي تسا ڏيندو رهيو. جيستائين ٻائيتاليهن سالن جي عمر ۾ هن کي حق شناسي ۽ روشن دماغي ملي. هن جي پوئلڳن کي ”جين“ سڏيو ويو . ٻڌ وانگر مهاوير بہ مڪتيءَ لاءِ پنهنجي سڏانت جي ڪِڏ ڪيئي شش ڪنا ڪيا ۽ هن جي پڳتن هن کي ڪافي سنمان ۽ دان ڏنو ۽ اُهي گهڻو ڪري واپاري طبقي مان هيا. مهاوير نہ رڳو برهمچاري پيدا ڪيا، پر هن بيراڳڻن جا مٺ بہ ٺاهيا. هن ٽيهہ سال سکيا ڏني ۽ هن جو موت ڄاڻي ٻُجهي ٻُک ڪاٽڻ ڪري ٿيو. هو ٻاهتر ورهين جي عمر ۾ پاٽنا جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ مري ويو ڇو تہ جين متو هيو تہ ڪوئي جين جيڪڏهن ڪائي حياتي وڃي سگهي ٿو تہ اها پنهنجي وڃي سگهي ٿو.

(هاٿي جڏهن مان ستر ڪان ٿپي ويو آهيان تہ اهڙو موت مون کي هرڪائيندو آهي ۽ پنهنجي آزاديءَ جي پوئين اظهار وانگر لڳندو آهي. موت جي وات مان گرهہ کسي وڃڻ وڏي ڳالهہ آهي.) هن جو ديهانت[1] 468 ق. م ۾ ٿيو جيتوڻيڪ ڪي جين هن جو ديهانت انهيءَ سال کان سٺ سال اڳي ٻڌائن ٿا. هو جنهن وقت مري ويو تنهن وقت هن جا چوڏهن هزار چيلا ۽ چيليون هيون.

ڪڏهن ڪڏهن جين سنياسين پنهنجي سکيا، پنهنجي دين کان ٻاهر نيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر انهن هندستان کان ٻاهر ڪو چڱو تاثر نہ ڇڏيو آهي. جين ڌرم رڳو هندستان جو ڌرم رهيو آهي. ٻڌ ڌرم وانگر جين ڌرم ۾ بہ فرقہ بنديون ٿيون آهن. ان جي ٻن ڌڙن کي ڌرمي ڪتاب الڳ الڳ آهن ۽ ماضيءَ ۾ ان جا پوئلڳ پاڻ ۾ کهرا واد وواد ڪندا رهيا آهن، پر فرقہ بنديءَ فلسفي جا جدا جدا نظريا پيش نہ ڪيا آهن، خاص ڪري ٿرواد (Tharvada)۽ مهاينا (Mahayana). ٻوڌي فلسفي ۾ جيترا اختلاف ٿيا آهن، اوترا جين ڌرم ۾ نہ ٿيا آهن. جين ڌرم جي ٻنهي ڌڙن جي سکيا ساڳي آهي، جا ان ڳالهہ جي ثابتي آهي تہ هي پراچين آهن ۽ مهاوير تائين پهچن

---

[1] ديهانت: وفات

ٽا ۽ انهن ۾ پويون تبديليون نهايت ٿوريون ۽ خسيس آيون آهن. وچولي دؤر جي جين فلسفين پنهنجي بچاءَ ۾ وڏي جدلياتي مهارت کان ڪم ورتو پر ان جا بنيادي متا ساڳيا رهيا. ان باري ۾ ته اختلاف ۽ شڪ شبو آهي ته ٻڌ جي اصل تعليم ڪهڙي هئي، پر مهاوير جي جين فرقي لاءِ پيغام ۾ ڪوئي شڪ نه آهي.

ڪنهن وقت جين ڌرم کي مها ٻلي راجائن جي هٿي هئي ۽ هندستان جي ڪجهه حصن جو ته رياستي ڌرم ئي اهو هو. انهيءَ جي اهميت وچئين دؤر جي هندو ڀڳتي تحريڪ گهٽائي ڇڏي، پر ٻڌ ڌرم وانگر اُن ايشور وادي[1] يا آستڪيه واد سمجهوتو نه ڪيو ۽ پوءِ به اُهو پنهنجيءَ جنم ڀوميءَ ۾ بچي ويو. ٻڌ ڌرم جو دارومدار اڪيچار ڏن وارن مٺن تي هوندو هو جيڪي مسلمانن ڪاهون ڪري تباهه ڪري ڇڏيا، پر جين ڌرم کي باضابطي سنساري ماڻهن جا ٽولا هوندا هئا، جي پنهنجي سنياسين جي شيوا ڪندا ها ۽ انهن جو پنهنجي ڌرم ۾ پڪو ويساهه هوندو هو. انهن سنساري ماڻهن جين ڌرم کي اڄ تائين جيئرو رکيو آهي. گهڻا جين گجرات ۽ راجستان ۾ آهن، جتي شِوَ تمبر فرقي جي گهڻائي آهي ۽ ميسور ۾ وري ڏگمبر فرقي جو صدر مڪان آهي.

فرقي بندي فقط ان اختلاف ڪري آهي ته جين سنياسي ڪپڙا پائن يا نه. چيو ويو آهي ته اها فرقه بندي ٽِين صدي ق. م ۾ ٿي، جڏهن مها ڪال[2] پيو هو ۽ ڪجهه سنياسي پنهنجي ڪُڪرمي سمئه[3] کان پڇي دکن هليا ويا ها ۽ جڏهن موٽي آيا ته اتي پنهنجن ڀين ڌرم وارن کي پهراڻ پيل ڏٺائون. هئي فرقا اها ڳالهه مڃن ٿا ته هڪ سنياسيءَ جو آدرش تهِ اهوئي آهي ته هو اگهاڙو رهي، پر سوتمبر (اڇو ڪپڙو پهريل) چون ٿا ته پنهنجي دؤر جي بداخلاقيءَ سبب ننگائي چڱي نه آهي ۽ ڏگمبر (آڪاشُ پهريل) چون ٿا ته هڪ جين سنياسيءَ لاءِ بنهه ننگو پڻو نيڪ آهي. جيتوڻيڪ ڪجهه صدين کان انهن به خلق ۾ پهراڻ پائڻ شروع ڪيا آهن. ڪجهه ٻين ڳالهين تي به ٻنهي فرقن جا اختلاف آهن، پر انهن ۾ ڪائي بنيادي ڳالهه نه آهي.

---

1 ايشور واد: وحدانيت
2 مهاڪال: وڏو قحط
3 ڪُڪرمي: خراب، ڪمبخت

مهاوير ۽ ٻڌ جي سمئہ جا اهي اديا پڪ هئا، جي درڍ – اچاري[1] بہ ها، انهن جو مول مقصد جنم مرن جي چڪر مان موڪش[2] هو ۽ انهن تتوگيان[3] جا يا ڏڪ گهٽ تتوگيان جي مانسڪ[4] سکيا لاءِ عملائتا نياءَ شاستر[5] ٺاهيا ها. اهڙا نظرياتي، اُهي اصول ۽ قدرت جا بنيادي قانون سيکارن ٿا، جي بحيرهٔ روم واري دنيا ۾ ساڳي وقت رائج هيا ۽ يوناني فلسفي ۾ اسان کي ڪافي هندستاني جوڙميل ملي ٿو. هيروڊوٽس جو اهو بنيادي نظريو هيو تہ، 'شيون مستقل طغياني (وهڪ) ۾ آهن' پر هيروڊوٽس جي برعڪس ٻڌ ڌرم ان مان اهو نتيجو ڪڍيو تہ 'انسان آواگون (تناسخ) جي ڪري سارا دک ٿي سنا ۽ سرشٽيءَ (ڪائنات) تي اُهو ٽِڪاءُ (پايداري) ٿي مڙهيو ويو جو اُن ۾ ڪونہ هو.' جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم ذهني ۽ روحاني تعليم لاءِ هڪ تفصيلي نظام ٺاهيو هو جيئن جنم جنم جي ڏکهي چڪر جو انت اچي وڃي.

جي ٻڌ ڌرم جون چوٽيون نفسياتي آهن تہ جين ڌرم جون جسماني آهن. ڪنهن ڪنهن جين ڌرم جو اهو مول متو رهيو آهي تہ ماڻهوءَ جي آتما جڙپدارٿ ۾ وچڙيل آهي. مڪتي تڏهن ملندي، جڏهن آتما جڙپدارٿ کان جدا ٿيندي ۽ تڏهن ئي ان کي اننت تائين آنند پراپت ٿيندو. اها ڳالھہ هندو مڪتبءِ فڪر سانکيہ وانگر آهي. ممڪن آهي تہ جين ڌرم ۽ سانکيہ مت جو بنياد ساڳيو هو ۽ ٻنهي مادي سان جيئريءَ چرپر جي نسبت ڏيکاري هئي. جيتوڻيڪ جين ڌرم جي اڪثر متن ۾ اَتِي سوکيمتا[6] آهي، پر انهن سيني تي جين ڌرم جي پراچين ورثي جو اثر ظاهر آهي. اهي هندي فلسفي جي ارتقا ۾ اهو دوُر واضح ڪن ٿا، جڏهن ڪا شيءِ نهري مادي کان الڳ سوچي بہ نہ ٿي وئي ۽ هر شيءِ جنهن ۾ ڪجھہ ترتيب هئي، ان کي زنده ٿي سمجهيو ويو. ان ڪري هڪ جين لاءِ آتما، جا جيوُ سمجهي ٿي وئي، محدود هئي ۽ ان کي ڦيرائتي تور ۽ ماپ هئي. ہيو تہ پراچين ويچارن، جين ڌرم ۾ اهو ويساھہ آندو هو تہ، 'سيني شين ۾ ساھہ آهي.' نہ رڳو ديوتائون، دئيت، ماڻهو ڍور ۽

---

1 درڍ_ آچاري: دين تي پڪا
2 موڪش: نجات
3 تتوگيان: فلسفو
4 مانسڪ: نفسياتي
5 نياءَ شاستر: نظام ربط ضبط سٽاءُ
6 اتي سوکيمتا: گهري موشگافي يا نڪتہ پردازي

جيت جٽيا ساهہ وارا ها، پر وڻ ٻوٽا، مٽي، پٿر ۽ هر شيءِ، جا ڌرتيءَ مان اپري ۽ اُسري هئي، نديون، نياڻ، سمنڊ، مينهن ڦڙيون، ڇپيون، ڀن ڀِن باهيون، بخار ۽ هوائون سيني کي ساهہ هو. اِن طرح ساريءَ ڪائنات کي زندگي هئي. هوا جي هر جهوٽي ۾، مٽيءَ جي هر لپ ۾ آتمائون بنديا ٽيون هيون. جڏهن بہ تيلي ٻاري وڃي ٿي تہ آگ پڙڪي اُٿي ٿي، جنهن جي آتما منش جو روپ ڌاري سگهي ٿي ۽ جڏهن تيلي وسامي وڃي ٿي تہ اها وسري وڃي ٿي. (اهو سوچي مون کي پيٽراٽول (Peter O'Tool) جي "لارينس آف عريبيا" ۾ زندگيءَ جي تيليءَ سان تشبيهہ ياد آئي. هُن هڪ تيلي ٻاري، اُن کي ڦوڪ ڏئي وسائي ڇڏيو هو. اِئين هئي انساني زندگي ۽ ان جو انت.

جين مت ۾ راهہ تي پيل پٿر ڪنهن نہ ڪنهن آتما جو بندي خانو آهي، جنهن ۾ اُها چُپ چاپ دک سهي رهي آهي ۽ ان پيڙا کان ڇٽي نہ ٿي سگهي، جا ان کي لتاڙي رهي آهي ۽ اُها پيڙا ۾ رڙ ڪري نہ ٿي سگهي. جنم وٺي آتما پنهنجي پراچين پوترتا[1] وڃائي ٿي ڇڏي ۽ جڙپدارٿ سان ڇُهڻي اُها وڏيڪ دک سهي ٿي ۽ اها پيڙا وڌندي ٿي وڃي، جيئن اها جمڻ مرڻ جي چڪر هيٺ ٿي اچي. جمڻ مرڻ جي بي انت چڪر ۾ ۽ پنرجنم ۾، آواگون ۾، آتما جو دک اَسهہ ۽ اَکُٽ آهي.

"جيئن ڪوڙڪيءَ ۾ بيوس هرڻي ڦاسي پئي ٿي، تيئن مان اڙجي، جڪڙجي، سوگهو ٿي ماري مات ڪيو ويو آهيان."

"هڪ مڇيءَ وانگر مان ڪُنڍيءَ ۾ يا ڄار ۾ اڻ ڳڻت ڀيرا ڦاسي ويو آهيان، اڻ ڳڻت ڀيرا مون کي ماريو ويو آهي، ڇليو ويو آهي، ڀيرا ڪيو ويو آهي ۽ پِتو ڪليون ڪڍيون ويون آهن."

(نوٽ: هي پڙهي مون کي شاهہ حسين جي سٽ: "مڇي وانگيان مئن پئي تڙڦان" ياد ٿي اچي)

"هڪ پکيءَ وانگر، مون کي سينچاڻن[2] جهڙپ ڏيئي جهٽيو آهي، يا مان ڏِبيءَ[3] ۾ ڦاسايو ويو آهيان يا لاسَ[4] ۾ جهلجي ويو آهيان."

---

1 پراچين پوترتا_ قديم پاڪيزگي
2 سيچاڻا: باز
3 ڏِبي: پاڻيءَ جي پکي ڦاسائڻ جو هڪ طريقو
4 لاسَ: پکيءَ ڦاسائڻ لاءِ ڪائي لِڳ لِڳدار چيز.

”وڻ وانگر مون کي ڪهاڙن ۽ واهولن سان واڍن اڻ ڳڻت ڀيرا وڍيو آهي، مون کي ڪيرايو ويو آهي، منهنجا ڇوڏا لاٿا ويا آهن، مون کي مُچيو ويو آهي ۽ تختن ۾ چيريو ويو آهي.“

”لوهارَ مون کي اڻ ڳڻت ڀيرا مُترڪن سان ڪُٽيو آهي ۽ چمٽن ۾ جهليو آهي. مون کي ڪُٽيو ويو آهي، ٺوڪيو ويو آهي، ٽُڪر ڪيو ويو آهي ۽ رواتيءَ سان رهڙيو ويو آهي.“

”مون هرجيون ۾ دُک سٺو آهي. اهڙي پيڙا جنهن کي پل لاءِ بہ وسرام نہ مليو آهي.“ (اُتر ڏيان سُتر)

ائين ٿو لڳي تہ ٻوڌين کان وٺي ڪي جيئين لاءِ هيءَ سرشتي ساري پيڙا ۽ دُک آهي ۽ اُن جون سک جون ڪجھ گهڙيون جيوت جي ڏهڪاوَ مٽائڻ لاءِ ڪافي نہ آهن. ”ڪوهہ ۾ ماٺهو“ واري مشهور ڏند ڪٿا آهي ۽ اُها ٿورڙي ڦير گهير سان دنيا جي عظيم روسي اديب ٽالسٽاءِ تبديل ڪري ڏني آهي. اها مون ڪيئي سال اڳ سچل سرمست واري ميلي ۾ تقرير ڪندي، ٽالسٽاءِ جي نالي سان منسوب ڪئي هئي:

”هڪ مسافر هڪ گهاٽي جهنگ مان وڃي رهيو هو جڏهن هو هڪ مست هاٿيءَ جي آڏو اچي ويو جنهن هن کي ڏسي پنهنجي سُونڊ مٿي ڪئي. جيئن مسافر ڀڄڻ جي ڪئي تيئن هئي پاسي کان هن جي سامهون هڪ ڏائڻ آئي، جنهن کي ننگي تلوار هٿ ۾ هُئي ۽ اُها هن جو رستو روڪي بيٺي. رستي تي ڊگهو وڻ هيو جنهن ڏانهن هو انهيءَ اميد سان ڀڳو تہ اُن جي ڏارن تي هُن کي پناهہ ملي ويندي، پر هن جو پير ڏار تان ترڪي ويو. هن جي پناهہ لاءِ هاٿي وڻ جي ٿُڙ پرسان هڪ جهونو کوهہ رهيو جنهن ۾ گاهہ ۽ ٻوڙا هيا. انهيءَ ۾ هن ٽپو ڏنو جيئن هُو ڪريو تہ هن جو ڪجھ ٻوٽن ۾ هٿ پئجي ويو جي کوهہ جي پٽ ۾ اُڀريا هئا ۽ کوهہ جي تري ۽ مُنهن جي وچ تي هيا. جڏهن هن هيٺ ڏٺو تہ هن کي پاڻي نظر نہ آيو پر اتي نانگ ڦڪاري رهيا هئا. انهن جي وچ ۾ هڪ اجگر هيو جنهن ان لاءِ وات ڦاڙيو هوتہ جيئن ئي هو ڪِري تيئن هن کي جهٽي وٺي. جڏهن هُن مُنهن مٿي ڪيو تہ هُن بہ ڪوئا ڏٺا، جن مان هڪ ڪارو ۽ هڪ اڇو هو جي ٻوٽن جي جڙ ڪاٽي رهيا ها. ان وچ ۾ جهنگلي هاٿي کوهہ ڏانهن پڄندو آيو ۽ ان ڳالهہ تي غصي ۾ اچي تہ شڪار هن جي هٿان نڪري ويو

هو وڻ کي ٿونا هڻڻ شروع ڪيائين. ڏوڻ سبب ماڪيءَ جو هڪ مانارو ڪري پيو جو وڻ جي ٿاريءَ ۾ لڙڪي رهيو هو ۽ انهيءَ مسافر جي مٿان اچي ڪريو جو ايترو جوڪائٽو لڙڪي رهيو هو. چيڙيل ماڪيءَ جون مکيون هُن جي مٿي کي پون پون ڪري وچڙي ويون ۽ ڏنگ هٽي سُجائي وڌائونس. ايتري ۾ ماڪيءَ جو هڪ ڦڙو هن جي پِرونءَ تي اچي ڪريو ۽ جڻ هن جي مُنهن تي بانبڙا پائي لٿو ۽ سندس چپن تائين پهتو. اوچتو هن ۾ چاهنا پيدا ٿي تہ هڪ ٻيو ماڪيءَ جو ڦڙو بہ چکي ڏسي."

هن ڪهاڻيءَ جو مول مقصد چِٽو آهي. ان ۾ انهيءَ هر پيُ ڏر جو مثال موجود آهي، جو مسافر کي پيش اچي ٿو. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ مسافر آتما آهي ۽ هن جو جهنگ مان سفر سنسار مان سفر آهي.هاٿي موت جي علامت آهي. ڏائڻ ٻُڍاپو آهي. وڻ موڪش جي نشاني آهي، جنهن تي عام ماڻهو چڙهي نہ ٿو سگهي. کوهہ ماڻهوءَ جو جيون آهي،نانگ موهہ آهي ۽ اجگر نرڳ آهي. ٻُوڙاماڻهوءَ جي حصي ۾ ڪجهہ عرصو آهن ۽ ڪارو اڇو ڪوئو مهيني جو سُهائو ۽ اونداهو پک آهن. ماڪيءَ جون مکيون بيماريءَ جي علامت آهن ۽ ماکي جيون جي ڀوڳ ولاس جي نشاني آهي. ماڻهو ماڪيءَ جا بہ ٽي ڦڙا چٽي سگهي يا نہ، انت ڪوئا پنهنجو ڪم ڪري ويندا ۽ ماڻهو اجگر جي وات ۾ وڃي ڪرندو. چوتہ نرڳ جو اجگر هُن کي جلدي يا دير سان اوڪي ڪڍندو ۽ وري سنسار جي جهنگ ڏانهن موٽائيندو جيئن هُو بار بار ساڳي پيُ ڏر مان گذري. هر ويچار ڀول ڪاريہ جڙپدارٿ کي هو نئين ريل چيل ڏئي ٿو ۽ پاڻيهي اوجل اَتماکي ڏنڌلائي ڇڏي ٿو. آتما جڏهن پنهنجي چوڏي ۽ ڇل کان آجي آهي، تڏهن اُها چاڻٽهار آهي ۽ مغربي فلسفي ليبنز[1] جي اَپيد اَچيد وستو(Monad) وانگر هن سرِشتيءَ جو اولڙو آهي.جا شيءِ آتما کي ويڙهي وجي ٿي، اُها عام قسم جو جڙپدارٿ (مادو) نہ آهي، پر اُهو سوکيم جڙپدارٿ آهي، جنهن کي جين ڌرم ۾ ڪرم چيو ويچي ٿو.

ڪرم جو جين مَتو پراچين ناستڪ واد مان ورتل آهي ۽ جو ڪجهہ ٻئي ڌرم ۾ سرشتيءَ جو اٽل نيم آهي، اُهو جين ڌرم ۾ جڙپدارٿ جهڙو سمجهيو وڃي ٿو. اَواگون جو چڪر پاڻيهي هلندڙ آهي ۽ ڪنهن بہ الوڪڪ[2] دست اندازيءَ

1 ليبنز (Leibniz) (1716ع کان 1946ع) جرمن فلسفي ۽ رياضي دان.
2 الوڪڪ: ڪرامتي، خدائي

جي ضرورت نہ آهي. آپ سوار ٿي[1]، ويسريا ۾ ڪنور ڪاريہ[2] کي، ٻري ڳرم جي ريل ڇيل ۾ اڙائين ٿا. جا ان ماڻهوءَ لاءِ وڏي ڏک جو ڪارڻ ٿئي ٿي.جو اُن ۾ ڦاسي وڃي ٿو. ڳرم، جو چڱي ڪاريہ مان حاصل ٿئي ٿو اهو جهٽ ۾ وِئُرجي وڃي ٿو ۽ ان جا گنڀير اثر نہ آهن. ٻيو جا پيڙا پاڻ تي ڪنئي وڃي ٿي، اُها اڳيئي ڪئي ٿيل ڪرم کي تيڙي پڪيڙي يا ڏف ڪري ڇڏي ٿي. موڪش پائڻ لاءِ آتما کي هر جڙپدارٿ کان آجو ٿيڻ گهرجي ۽ ان کان پوءِ اها پنهنجي سوکميتا سبب سرشتيءَ جي چوٽ تي رسي ٿي ۽ اُتي سدائين آنند ۾ رهي ٿي.

مهاوير جهڙن مها پُرشن جي آتما تہ سرير ۾ رهي بہ اهڙي سوکيمتا پائي سگهي ٿي. اُهي هڪ آجڪائيءَ پاتل آتما وارو آنند ۽ سروگيان[3] پائن ٿا. پر پوءِ بہ ڪافي ڳرم پاڇي رهجي وڃي ٿو. جڏهن اهو تپسيا ۽ اُپواس سان ٽڪجي چُور ٿئي ٿو تڏهن انهيءَ جو ننگ ڏڙنگ آتمائون، اَڪٽ شانتيءَ جي راجڌانيءَ ۾ پهچن ٿيون ۽ ديوتائن کي پنتي ڇڏي وڃن ٿيون. مُڪتيءَ لاءِ ماڻهوءَ کي سخت تپسيا ڪرڻي پوي ٿي.

جيڪڏهن ڪنهن ڪيڙي ماڪوڙي تي پير اچي وڃي تہ اُن جو آتما تي برو اثر ٿئي ٿو. ڪنهن کي جيترو بہ گهٽ ۾ گهٽ ڏک رسائجي، اهو چڱو آهي.ايتريءَ حد تائين جو باهہ ۽ پاڻيءَ سان برو ورتاءُ نہ ڪجي. هڪ جين کي بنهہ پاڇي خور ٿيڻ گهرجي. هن کي هاري ٿيڻ نہ گهرجي، چوتہ هر ڏيڻ سان ڪيترن ئي ساهوارن کي ڏک رسائي سگهجي ٿو. اهو بهتر آهي تہ هو چانور بہ اُهي کائي، جي ٻئي ڪنهن پوکيا هجن، چوتہ پوکي ڪندڙ تي ئي پوتن، ڪيڙن، ماڪوڙن ۽ ڏرتيءَ کي ڪيڙڻ جو بوجهہ پوندو. لوهر جي سنداڻ تي لوهہ کي پيڙا ملي ٿي. واڍو جڏهن ڪاٺ چيري ٿو تہ اُهو ان کي پيڙا ڏئي ٿو. جين لاءِ سڀ کان وڌيڪ اجوکو پورهيو واپار آهي. هڪ عام جين ماڻهوءَ کان ارهنت[4] جي زندگي وڌيڪ ڏکي آهي. هن کي ڪنهن بہ رستي تي ٻهاريءَ کان سواءِ نہ گهمڻ گهرجي، جيئن هو نرمائيءَ سان جيتن جڻين کي

---

1 آپ سوار ٿي: خود غرض
2 ڪاريہ: ڪم، عمل.
3 سروگيان: همہ داني
4 ارهنت: جين ساڌو

پري ڪري سگهي. هن کي اوندهہ ۾ نہ گهمڻ گهرجي،جيئن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪنهن کي چيٽاڙي نہ ڇڏي. هن جي منهن تي ڪپڙو هجڻ گهرجي، جيئن ان مان هوا ڪپڙ ڇاڻ ٿي وڃي ۽ جيئڻ جٽيو هن جي وات ۾ نہ هليو وڃي. پاڻي بہ ڇاڻي پيئڻ گهرجي، جيئن ڪنهن جيت کي چوٽ نہ اچي. هن کي باهہ نہ ٻارڻ گهرجي ۽ نہ وسائڻ گهرجي. هن جي وهنجڻ سهنجڻ تي بندش آهي، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان هُو نہ رڳو پاڻيءَ کي، پر ان ۾ رهندڙ ساهوارن کي بہ دک رسائي ٿو. ڪنهن بہ مٺ[1] ۾ ٻتيون ڪم نہ آڻڻ گهرجن، ڇو تہ آگ ۾ ڪجهہ جيوَ آهن ۽ اُن تي پتنگا ۽ ٻيا جيوَ اڏامي اچن ٿا. هن کي سارا اونداها پهر انتر ڌيان يا ننڊ ۾ گذارڻ گهرجن. جين مرن وِرت (موت تائين روزو) بہ رکي سگهن ٿا. ڪيئي سنياسي جڏهن پوڙها ٿيا ۽ انهن جي صحت جواب ڏئي ويئي، تڏهن انهن آپگهات ڪيو هو. جين ڌرم جي اهڙي پڪي سيکت ئِي ان جي اڄ تائين بچي پوڻ جو ڪارڻ آهي.

اڳئين ڀيري جڏهن مان بمبئي ويو هوس تہ مشهور سنڌي ليکڪ نند جويريءَ مون کي ڪجهہ جين مندر ڏيکارڻ چاهيا ها، پر مون کي جين ڌرم جي باري ۾ ڪافي معلومات هئي ۽ گوڏن ۾ بہ ڏاڍو سور هيو، ان ڪري مان هُن جي آڇ مان فائدو وٺي نہ سگهيس. ٻاهران جين ڌرم، هندو ڌرم کي ڪجهہ اپنايو آهي. هاڻي جين ڌرم وارا هندو ديوتائن جي پوڄا پاٺ ڪن ٿا ۽ برهمڻ کي مرڻي پرڻي جي رسمن لاءِ گهرائڻ ٿا. پر جين ڌرم هڪ الڳ ڌرم آهي، جنهن جي وڌيڪ تفصيل ۾ مان هتي وڃڻ نٿو چاهيان. جين ڌرم آستڪ واد سان ڪو ناهہ نہ ڪيو آهي ۽ اُهو اڃا سداچار[2] ۽ آتمڪ اُنتي[3] جو ڌرم آهي. جين ڌرم وارن سِرشٽيءَ جي باري ۾ پنهنجي سوچ ڏني آهي. جا دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. ان ۾ مول ڳالهہ اِها آهي تہ ڪنهن بہ رِٿ يا ٺهراءَ جو سچ ان نڪتہِ نظر سان نسبتي آهي، جنهن مان اهو نڪتو آهي. هن سرشٽيءَ جي رٿا ۽ جوار ياتا[4] سرو ٻومڪ[5] نڪتہِ نظر کان نبريل يا اڳ

1 مٺ: خانقاه
2 سداچار: اخلاق
3 آتمڪ اُنتي: روحاني بهتري
4 جوار ياتا: مدو جزر، وير آلٽُ
5 سروٻومڪ: ڪائنات جو آفاقي

مقرر ڪيل آهي، پر هڪ شخص جي نڪتہِ نظر کان هن کي پنهنجيءَ نجات لاءِ ڪوشش جي آزادي آهي. (اشتراڪي دهريا بہ ساڳي ڳالهہ تا ڪن. مُنهنجي پنهنجي خيال ۾ انسان پنهنجي اعمال ۾ آزاد نہ آهي ۽ هن لاءِ خدا هر ڳالهہ مهد کان لحد تائين طئي ڪري ڇڏي آهي. هو فقط هڪ اداڪار آهي، جنهن جا قول ۽ عمل اڳ ئي لوحِ محفوظ ۾ آهن ۽ مان علامہ اقبال سان ان ڳالهہ تي متفق نہ آهيان تہ "نگاهہ مرد مومن سي بدل جاتي هين تقديرين." تقدير اڻ ٽر آهي، اَمُٽ آهي، ان کي ڪوئي دڳ ڪُڏڳِ لائي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ ان جي ڪاتبِ اها واضح طور لکي آهي ۽ اُن ۾ ڦير گهير جي گنجائش نہ ڇڏي آهي. ماڻهو وس بہ اهو ڪندو جو هن جي تقدير ۾ هوندو) جين ڌرم موجب اختيار ۽ جبر ٻئي نسبتي طور سچا آهن ۽ فقط اُهو روح جنهن کي پوري نجات ملي ويجي ٿي ۽ جو ساري زمان ۽ مڪان کي شعور جي دائري ۾ آڻي نظر وجهي ٿو اهوئي سچو ۽ مطلق سچ ڄاڻي سگهي ٿو. فلسفي ۾ جبر ۽ اختيار جي مسئلي تي صدين کان وٺي اڄ تائين اختلاف آهن.

جڏهن مان "شاہ، سچل، سامي ڪانفرنس" لاءِ بمبئي ويو هوس، تڏهن مان ان ديس جا گوناگون پهلو ڇنڊي ڇاڻي ڏٺا ها. اُتي مون کي معلوم ٿيو هو تہ اڄا تائين ڀارت ۾ ويهہ لک جين آهن ۽ اهي بہ هزار سال زنده رهيا آهن ۽ ٻن فرقن، سوتمبرن ۽ ڏگمبرن ۾ ورهايل آهن. پر انهن ۾ ٽيون فرقو بہ شامل ٿي ويو آهي، جنهن کي سٿانڪ واسي چيو وڃي ٿو ۽ سترهين صديءَ ۾ سوتمبر فرقي مان گجرات ۾ پيدا ٿيو هو. اهو فرقو ديوين، ديوتا بلڪل رد ڪري ٿو ۽ هندو ڌرم جي اثر سان ٽڪر کائي ٿو. مهاتما گانڌيءَ پنهنجي اهنسا جو متو جين ڌرم تان ورتو هو. هُو ڪاٺياواڙ ۾ ڄايو هو جتي جين ڌرم ڪافي مضبوط آهي. هو جين سنياسين کان ڪافي متاثر ٿيو هو جن سان جوانيءَ ۾ مليو هو. هو خاص ڪري اڳئين صديءَ جي هڪ جين سنياسي رائچند ڀائيءَ جا ڳُڻ ڳائيندو هو ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ هن جو نهايت عقيدت سان ذڪر ڪيو اٿائين.

مون البرٽ شوائيٽرز جي زندگيءَ ۾ ڪٿي پڙهيو تہ هُن پنهنجو "زندگيءَ جي احترام (Reverance for life) جو متو بہ جين ڌرم جي اثر هيٺ اختيار ڪيو هيو. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ ٽيستائين اهڙي فقري جي تلاش ۾ رهيو هو جو هن کي زندگيءَ جو راز سمجهائي سگهي، جيسيتائين هن

پاڻيءَ ۾ دريائي گينڊن جو ڌڻ ڏنو هو پر اها ڳالهہ جين مذهب جي مطالعي کان پوءِ هن جي تحت الشعور ۾ ڇُپي وئي هئي ۽ اوچتو مٿي ذڪر ڪيل واقعي مهل هن جي شعور ۾ آئي هئي.

جنهن وقت مان جمال، ابراهيم ۽ رشيد سان پاري نگر ۽ ويرا واهہ ويو هوس، ان وقت منهنجي جين ڌرم جي ڄاڻ ايتري گهڻي بہ نہ هئي. هينئر مون چاهيو ٿي تہ جين ڌرم سان گڏوگڏ ٻڌ ڌرم تي بہ لکان، ڇو تہ هائڪوءَ کي زين مت[1] جو بنياد آهي ۽ مون سنڌيءَ ۾ ڪيئي هائڪو لکيا آهن. پر مان ٻُڌ ڌرم جو ذڪر پنهنجي ٽئڪسلا جي سفر وقت ڪندس، هتي ڪندس تہ پڙهندڙ کي فلسفي جون موشگافيون ٿڪائي وجهنديون. دراصل ٻُڌ مت مون کي ڪازان زاڪس کان بہ وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. مون هن جي آتم ڪهاڻي پڙهي سوچيو هو تہ هو ٻوڌي ڇو نہ ٿيو؟ شايد يسوع ۽ سينٽ فرانسز آف اسيسيءَ جي پيڙا هن کي ايترو متاثر ڪيو هو جو هن کان ٻُڌ مت جون ساريون تپسيائون وِسري ويون هيون. رجنيش جي بہ ڪيترن ئي آڊيو ڪئسيٽن ۾ ٻُڌ ۽ مهاوير جو ذڪر نهايت عقيدت سان ڪيو ويو آهي، جي مان سُمهڻ کان اڳ ٻڌندو آهيان تہ مون تي "وليم فائيو" جو اثر ڪندا آهن. هاڻي مان پيرائتو ٿر جو سفر ٿو لکان.

ڪنهن ڪتاب ۾ مون سر رچرڊ اسٽيل جو قول پڙهيو هو.

"ڇنوڦيٽي گاڏي[2] اسان کي اڻ ڄاڻائيءَ سان ان طرح ڪجهہ ڪري سٽيو هو جو اسان کي پاڻ ۾ ڪائي واقفيت ٿي نظر آئي."

اهو قول مون کي تڏهن ياد آيو جڏهن مڇر مار کاتي (Malaria Eradication Department) واري ڊاڪٽر وگڻ جون بہ گاڏيون، جي کاتي کي ڪئناڊا مان امداد ۾ مليون هيون، ٿر جي سفر لاءِ اسان جي ٻِلي رکيون ويون. ڊاڪٽر وگڻ، جمال جو دوست هو ۽ پنهنجي کاتي جي ڪم ڪار لاءِ، پنهنجي عملي کي انهن گاڏين ۾ ساري ٿر موڪليندو هو. اهي گاڏيون نهايت ئي مضبوط هيون ۽ واريءَ ۾ سفر لاءِ ناهيون ويون هيون. عدالتن کي جون ۽ جولاءِ ۾ وئڪيشن هوندي هئي ۽ مان گهڻو ڪري سنڌ جا سفر ڪندو

---

[1] زين مت: جپان ۾ ٻُڌ ڌرم جو نانءُ آهي.

[2] "The Coach Jumbled us insensibly into some sort of familiarity"
Sir Richard Steelo (1672 to 1739)

رهندو هوس. ناتال ۾ بہ عدالتون بند هونديون هيون تہ ٻاهر نڪري ويندو هوس. 1963ع ۾ مان ۽ رشيد پٽي هندستان جو ڪافي دورو ڪيو هو جنهن جي باري پوءِ لکندس، ڇو تہ پهريائين مان جمال سان گڏ ڪيل سفر جي باري ۾ لکڻ ٿو چاهيان.

مون کي ياد ٿي آيو تہ جڏهن مان ننڍو هوندو هوس تہ زرينا جي پيءُ خان صاحب حسين بخش سان گڏجي، پنهنجي زمين تي ويندو هوس. منهنجي پيءُ جو انتقال ٿيو هو جڏهن مان پهرين درجي انگريزيءَ جو امتحان ڏنو هو. هن جي انتقال کان پوءِ خان صاحب حسين بخش، جو رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر هوندو هو (ان زماني ۾ گهڻو ڪري ڪليڪٽر انگريز هوندا ها) ۽ منهنجي پيءُ جو سوٽي سوٽ بہ هيو اسان جي سنڀار رکندو هو ۽ منهنجي پيءُ کان ورثي ۾ آيل ٻنيءَ جو زميندار جي حيثيت ۾ خيال رکندو هو، ٻٽئي ڪڻندو هو ۽ ان مان اُپت جو حساب ڪتاب رکي، اسان کي ماهوار خرچ ڏيندو هو. هو جڏهن اسان جي ٻنيءَ تي هلندو هو تہ شڪاپور ۾ لکيدر تان هڪ ڇڪڙو ڀاڙي تي وٺندو هو جنهن ۾ پنهنجي نوڪريءَ واري دور جو ڪوئي ايراني قالين وڇائيندو هو پرسان پاٽيءَ جي گهگهي ۽ بلغاري حقو رکندو هو ۽ طول وهاٽي تي ٽيڪ ڏئي، هو مون سان ۽ ڪنهن نوڪر سان گڏجي اِن ڇڪڙي تي هلندو هو جو بہ ڏاند ڪاهيندا ها. اسان جي ڀاڙي ۾ هڪ بہ موٽر هئي ۽ جي خان صاحب چاهي ها تہ هو اُها بہ هٿ ڪري سگهي ها، پر شڪاپور کان بہ ڪوهہ پري لوڊا ديهہ ڏانهن ويندڙ ڪڙ ۽ ڙ رستو جتي اسان جي زمين هئي، ڪار جي سفر لاءِ سازگار نہ هو. مان ان ديهہ جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب "جڳ مڙيوئي سپنو" ۾ احوال لکيو آهي، جڏهن ڪجهہ سال پوءِ اتي پنهنجي ڪمدار سان ويو هوس. ڇڪڙي ۾ جا سوڙهہ سڪوڙ هوندي هئي، سو مون کي اهي مڇر مار ڪاٽي جون گاڏيون ڏسي ۽ رستي ويندڙ لاريون ڏسي، جن کي ٽر ۾ ڪيڪڙا يا ڊيزرٽ ڪوچ چيو ويندو آهي، رچرڊ اسٽيل جو قول ياد آيو هو. (جو اڳي مٿي بيان ٿي چڪو آهي)

هڪ گاڏيءَ ۾ مان جمال، ابراهيم، رشيد، هڪ چانگ ڇوڪرو جو غالباً ڪاٽي ۾ ملازم نہ هو ۽ ٻيو هڪ ڪاٽي جو آفيسر گڏ هو جنهن اسان سان صاف سنڌي ڳالهائي پئي، پر پوءِ معلوم ٿيو هو تہ هُو پراڻو سيٽلر هو ۽ سنڌي ٿي ويو هو. اها خبر اسان کي تڏهن پئي جڏهن سفر پورو ڪري ميرپورخاص

موٽي آياسين. ڪاتي جا بہ مزدور طبقي مان ملازم بہ ساڻ هيا. گاڏيءَ جا هڪ شاهي وئن هئي، هونءَ تڪليفده نہ هئي. ٻيءَ گاڏيءَ ۾ اسان صاف پاٽيءَ جا ڊرم (ٽر ۾ گهڻو ڪري پلر جو پاٽي هو جنهن ۾ اڪيچار جراثيم هيا) پيٽرول جا ڪيئي گئلن ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون ڪنيون. پهريون اسان مِٺيءَ آياسين، جو عبدالقادر جوڻيجي جو علائقو آهي، پر هو منهنجو گهڻو وقت پوءِ واقف ٿيو جڏهن مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ ڪيس سنڌ الاجيءَ ۾ ثميره زرين سان گڏ ملازمت ڏني.

مون ديوان حافظ ۾ ڪٿي پڙهيو هو:

سفر دراز نہ باش بہ چشمِ طالبِ دوست
بہ پاءِ خارِ معیلان حریری آید.

(دوست جي طالب جي اکين ۾ سفر ڏکھو نہ آهي،
ٻاٻري ڪنڊ بہ پٽ وانگر لڳي رهي آهي)

چوڻ جو مقصد اهو هو تہ حيدرآباد کان مٺيءَ تائين مسافري ائين گذري وئي، جڻ رستو پٽ جو نهيل هو. جمال تہ گهڻو ڪري سانت جي سانيڪي ۾ گم هوندو آهي. ابراهيم بہ رڳو منهجي ۽ رشيد جي گفتگوءَ کي ماٺ ڪري ٻڌي رهيو هو. سڊني سمٿ هڪ هنڌ چيو آهي: "اڪثر آدمي چوڦيٽي گاڏيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن، مان اڪثر ڳالهائيندو آهيان."[1] مان ۽ رشيد پٽي بہ سانده هندستان جي سفر جي باري ۾ ڳالهائيندا رهياسين. دراصل مون کي هي سفرنامو ۽ هندستان جو سفرنامو گهڻو اڳي لکڻ گهربو هو پر ڪيترو وقت تہ حالتون اهڙيون هيون، جو لکڻ جي همت نہ پئي ٿي. هينئر جڏهن عمر اچي ستر ورهين تي پهتي آهي تہ سفرنامي جي قلمبنديءَ جو خيال آيو آهي.

هونءَ تہ مون ٿر جي سفر جي باري ۾ "لامون تنهن وڻ سنديون" ۾ ڪجهہ لکيو آهي، جو "روح رهاڻ" ۾ حميد سنڌيءَ ڇپيو هو جو هاڻ خيرپور ۾ شاھ لطيف يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر آهي.[1] حميد سنڌيءَ جي رسالي

---

[1] "Most people talk in stage coaches; I always Talk"
Sydney smith (1771 – 1845)

[1] هن وقت رٽائرمينٽ کان پوءِ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جي بورڊ آف گورنرس. جو چيئرمين آهي. (ت.ج)

”روح رهاڻ“ ٿي ون يونٽ خلاف صحيح معنيٰ ۾ تحريڪ پڙڪائي هئي. ان ۾ بسنت هال حيدرآباد ۾ ٿيل جلسن جا احوال، منهنجون صدارتي تقريرون ۽ ٽر بابت منهنجا ٽي ڳٽڪا ”هي گيت اجايل مورن جا.“ ”جل جل مشعل جل جل“ ۽ ”رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ شايع ڪري ۽ سنڌي قوميت جو ڪُلم ڪُلا پرچار ڪري، هُن حڪومت جون وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون. ”رُوح رهاڻ“ جي ڪنهن ٻئي پرچي ۾ ”لامون ٿنهن وڻ سنديون“ بہ شايع ٿيو هيو جو فيروز احمد ميمڻ منهنجي ڪتاب ”خط، تقريرون ۽ انٽرويو“ ڀاڱي ٻئي ۾ شامل ڪيو آهي، پر ان ۾ ٽر جي سفر جو پورو احوال نہ آهي.

منهنجي شاعري ٻُڌي مُلان مچرجي ۽ نيم اديب بانورجي پيا. افسر شاهيءَ ڪان چتي ڪتي جي گگ وهڻ لڳي هئي ۽ سرڪار جا جاسوسي ڪاتا وهلور وچڻ لڳا هئا. جڻ پورو پاڳل خانو اٿلي پيو هو. مان پنهنجي مخالفن کي ڏسي، رڳو صائب جو هينيون شعر دهرائيندو هوس:

*مخور صائب فريب از عمامهٔ زاهد،*
*کہ در گنبذ زبی مغزی صدا بسيار مي پيچد.*

ترجمو: (اي صائب زاهد جي وڏيءَ پڳ ڪان ڌوڪو نہ کاءُ، ڇوتہ بي مغزيءَ سبب گنبذ ۾ آواز ڏاڍو وچڙي ويندو آهي.)

پر انهيءَ تي تفصيل سان اڳتي هلي لکندس. صائب جو هڪ ٻيو فارسي شعر آهي:

*سفيد گشتن مُو ترجمان اين سخن است،*
*کہ سَر بر آرز جوابِ گران سفيده دَميد.*

(وارن جو اڇو ٿيڻ ان ڳالھ کي ڇتائي ٿو
تہ گهريءَ ننڊ مان اکيون پٽ، اڇي باک ڦٽي وئي آهي.)

هاڻي اڇي خيال ورايو آهي تہ مٿان ڪنهن مهل ننڊ مان اک ئي نہ کُلي، اِن ڪري پنهنجيءَ زندگيءَ جي باري ۾ جيترو ٿي سگهي. لکي ونان، ڇوتہ اُهائي شيءِ تہ انسان جي پنهنجي آهي ۽ ٻيا سماجي رشتا ناتا فروعي آهن. اجتماعيت ماڻهوءَ سان گڏ مرقد ۾ تہ نہ ٿي وڃي! انفراديت ئي تہ فرد جي جين (Gens) جو حصو آهي، جو هن سان گڏ ٻي پيڙهيءَ ۾ منتقل ٿئي ٿو.

سفر ۾ مان ميل، آدمشماريون، گهر گهاٽ، ريتون رسمون وغيره گهٽ ڏنيون آهن. سفر مون لاءِ هميشہ سفر در سفرجي ڪيفيت رکندو آهي. هڪ ٻيو فارسيءَ جو شعر سُجهي ٿو اچي. اردو ۽ فارسيءَ شاعري تي ايتريءَ مهارت ۽ ان جي گهري مطالعي جو باوجود مون اڳي اردو ۽ فارسي شعرن جو پنهنجي نثر ۾ حوالو گهٽ ڏنو آهي. هاڻي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ مولانا آزاد پنهنجي "غبار خاطر" ۽ ٻين ڪتابن ۾ ايترن فارسي شعرن جا حوالا ڇو ڏنا هئا. فارسي شعر خوبصورت آهن، موزون آهن ۽ اُنهن کي صدين جو پس منظر آهي. انهن ۾ انهيءَ اسلامي فضا جي عڪاسي آهي، جا ڪنهن وقت ايران، تبريز، سمر قند، تاشقند، بخارا وغيره ۾ هئي. اُهو شعر جو مون کي ياد ٿو اچي، نہ ڄاڻان تہ ڪنهن جو آهي،پر اُهو هيئينءَ ريت آهي:

*سفر آن نيست کہ از مصر بہ بغداد رَوِی،*

*از رهِ جان سوءِ جانان سفر مردان است.*

(سفر اهو نہ آهي تہ مصر کان بغداد وڃين،

جان جي رستي تان جو سفر جانان (پرينءَ) ڏانهن وڃي ٿو،

اهوئي مردن جو سفر آهي)

سو مان ۽ رشيد پٽي ڳالهيون ڪندا ٿي آياسين، "اياز! تو بمبئيءَ کان موٽندي پي.آءِ. اي جي جهاز ۾ ايتري وسڪي پيتي، جو تنهنجو ڪنڌ جهُڪي وڃي گوڏن ۾ لڳو. مون توکي وارن کان وٺي مٿي ڪيو پر وري تنهنجو ڪنڌ گوڏن ۾ وڃي لڳو. مون کي پڪ ٿيو تہ ڪٿي مري تہ نہ ويو آهين ۽ مون وٺي رڙيون ڪيون. ايئر هوسٽيس ڊچندي آهي ۽ تنهنجي دل تي هٿ رکي چيائين:

"هي رڳو نشي ۾ آهي ۽ هن کي گهري ننڊ اچي وئي آهي."

"پٽي! تون اهو نہ سوچ مان پنتي ڇا ڇڏي آيو آهيان. مون جڏهن اُڏامندي هوائي جهاز مان هٿ تي هلايو تہ چاهيم ٿي تہ جهاز مان هيٺ ٽپو ڏيان! جيئن ايئر هوسٽيس وسڪيءَ جو گلاس تي ڏنو، تيئن يادگيريون اُبري تي آيون ۽ مون کي گلاس ۾ ڇڪي تي ويون، جو هڪ درياهہ وانگر ڦهلندو تي ويو." مون هڪ ساهيءَ جواب ڏنو.

منيءَ ڏانهن وڃڻ ۾ ابراهيم، جيڪو اسان جي ويجهو وينو هو اُهو اسان

ڪي ڪجھہ ٻڌي رهيو هو پر گهٽو آواز وئن جي شور ۾ ٻُڏي ٿي ويو.

”هوءَ فتح پور سِڪريءَ تي شام ياد اٿئي، جڏهن اسان ان جاءِ تان اُتي جتي بيجو باورا ۽ تانسين مظاهرو ڪندا ها. جوڌٻائيءَ جي محل مان ڦري اچي ويٺاسين، جتان سَکر واري جي. بي منگهارام جو بسڪوٽن جو ڪارخانو نظر اچي رهيو هو.“ رشيد ڀٽيءَ چيو.

”هائو“ مون جواب ڏنو.

رشيد تنهن تي چيو: ”اُن وقت شام ٿي رهي هُئي. سج داراشڪوه جي منڊيءَ وانگر ڪيچجي هيٺ ڪريو هو ۽ مون گيتا کي چيو هو تہ ڪوئي راڳ ٻُڌاءِ تہ هن هڪ فلمي گيت نهايت مٺي سر سان ڳاتو هو.“ مون ٿڌو ساهہ ڀريو جو وئن جي آواز ۾ ٻڌڻ ۾ نہ آيو. وقت ۾ نديءَ واري لس ليٽ آهي ۽ هر واقعو اُن ۾ لڙهي وڃي ٿو. رشيد اُن وقت ڏاڍو ڳُوڙهو هوندو هو ۽ هن تي ”راجا ڏاهر جو هاٿي“ نالو پئجي چُڪو هو. رباني کيس چيڙائيندي چوندو هو:

”اياز! هي انڌو هاٿي اٿيئي، نيٺ مارائيندءِ!“

ربانيءَ کي سفر ۾ ڏاڍو ياد ڪري رهيا هئاسون. هن جي خوش طبعي، دوستي، اَجهل آجيان! مان وڪالت ۾ ڪافي ڪمائيندو هوس، پر جي پنجاهہ رپيا خرچ ڪندو هوس تہ هو پنج رپيا ضرور خرچ ڪندو هو. پوءِ توڙي کيس کيسي ۾ هوندائي پنج رپيا ها. بيحد خود دار، حساس ۽ سيماب صفت دوست. جنهن سان رنجيدگيءَ جي باوجود بہ مان هن کي وساري نہ سگهيو آهيان ۽ جڏهن مون ڪيئي سال پوءِ ”ساهيوال جيل جي ڊائري“ لکي هئي، تڏهن هن کي ساڳي پيار سان ياد ڪيو هو. جو مون کي هُن لاءِ ان وقت هو جڏهن اسان وئن ۾ ٽر ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. وقت ان دوستيءَ کي وڌيڪ مستحڪم ڪيو هو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن مان جناح اسپتال ۾ ساري رات ڦٿڪي رهيو هوس ۽ ڪنهن اَڻ ڄاتي ڪارڻ سبب مون کي مُنهن مان گيندڙيون رَت اچي رهي هئي، تڏهن رباني ساري رات منهنجي مٿي ڪان ويٺو هو ۽ هُن کي پَڪَ هيو تہ مان مري ويندس. انسان ماضيءَ جون چڱايون ڏسي، ڪنهن دوست جون لغزشون وساري ڇونہ ٿا ڇڏن! هن پيري مون کي جا چار ڀيرا هارٽ اٽئڪ ٿي، اُن جو ڪارڻ بہ رباني ئي هيو. شعوري يا غير شعوري طور هن کان اهڙي حرڪت سرزرد ٿي، جا مون کي خيال ۾ بہ نہ هئي ۽ اها هڪ فون ڪال تي مون وٽ هڪ پٿر وانگر پهتي ۽ دل جو آئينو

پور پور ڪري وڌائين. اُها مذاق ۾ هئي، ايذارساني جي جذبي سان هئي يا ابرو باد ۾ پرواز سبب هئي، جو هن کي موجوده آسوديءَ نوڪريءَ ڏنو آهي، مان چئي نہ ٿو سگهان. نہ مان ان ڳالهہ جي تفصيل ۾ وڃي ٿو سگهان. ان کان ڪافي وقت پوءِ جڏهن ڪراچيءَ ۾ منهنجي گهر آيو هو تہ مون کي هن گهايل اکين سان ڏسي ميار ڏني هئي. بهر صورت ربانيءَ جي ڳالهہ وچ ۾ اچي وئي آهي. مون ميرپور خاص مان متيءَ ڏانهن ويندي، رشيد سان هندستان جي سفر جي باري ۾ گفتگو ٿي ڪئي. رشيد وري يادگيرين جي درياهہ ۾ تبڙڪا کائي رهيو هو. هو ڏوئل پکيءَ وانگر ٿي لڳو جنهن کي ڏوئيءَ جيڏي ڇهنب هوندي آهي ۽ جا پاڻيءَ ۾ گهُٽ ڏئي، چڳي وڏي مڇي ڦاسائي ايندي آهي.

”اياز! آگري جي اُها رات ياد اٿئي.“هن چيو. ”جڏهن تو پنهنجي دوست سترام کي بہ دليءَ مان ڪنيو هو ۽ تو مان، سترام ۽ راج وسڪيءَ جون پوريون بہ بوتلون پيتيون هيون ۽ تو ٻي بجي رات تائين شاعري ٻڌائي هُئي ۽ گيتا تڪجي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سُمهي پئي هئي ۽ تون ساري رات شاعري ٻڌائيندو رهيو هئين. جيستائين اسان سڀ ئي مدهوش ٿي وياسين.“

مون جواب ڏنو ”رشيد! سقراط ساري رات پيئندو هو هن جا هم پيالا شاگرد ڪِري پوندا ها ۽ هو صبح جو وهنجي سهنجي هوا خوريءَ لاءِ نڪري ويندو هو.“ انهن ڏينهن ۾ تہ مون سان غالب واري ويڌن هئي:

مَے سے غرض نشاط ہے کس روسیاہ کو،
اک گونہ بے خودی مجھے دن رات چاہیے

جيتوڻيڪ مان هونءَ پيئڻ ۾ محتاط رهيو آهيان ۽ ڪڏهن بہ وت کان وڌيڪ نہ پيتو اٿم. جڏهن مان لنڊن کان دبئيءَ ويو هوس، تڏهن تہ پيئڻ صفا ڇڏي ڏنو هئم. محفل گرم هئي، موتي پرڪاش ۽ روپا منهنجو ۽ نارائڻ شام جو ڪلام ٻڌائي رهيا ها. شراب جو دور جاري هو پر فضا ۾ ايڏيءَ مدهوشيءَ جي باوجود مون چُڪي نہ چکي هئي. ٻئي ڏينهن تي شارجا ۾ مرزا قليچ بيگ جي ڪنهن مائٽ (نالو ياد نہ پيو اچي) وٽ دعوت هئي، جو اُتي پاڪستان سرڪار جو ڪسٽم جي محڪمي ۾ ملازم هو. اُتي روپا جي مڙس موهن ۽ ڪلا پرڪاش ضد ڪيو تہ مان ڪين پنهنجو ڪلام ٻڌايان. مون هنن کي چيو تہ:

”ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ وقت مان هر روز پنهنجو ڪلام سنڌ ۾ پڙهندو هوس، پر پوءِ مون اهو پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ ايترو تيزيءَ سان لکيو آهي، جو مون کي هڪ سِٽ بہ ياد نہ رهي آهي. هُنن مون کي منهنجو ڪتاب ”ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي“ ڏئي چيو تہ: ”هن مان ٻڌاءِ“ جڏهن مون کين بہ سِٽون ٻُڌايون تہ ڪلام روڪي موتيءَ کي چيم: ”مون کي هڪ بيئر جو گلاس ڏئي، پاڻيءَ تي شاعري مون کان نہ ٿي ٿئي.“ هو بيئر جو گلاس پري آيو ۽ مون کين ڪيئي شعر ٻڌايا.

پر هندستان ۾ تہ منهنجي رات وسڪيءَ کانسواءِ نہ گذرندي هئي. ٻئيءَ انهيءَ صبح کي ياد ڪيو جڏهن اسان اونده ۾ تاج محل تي پهتا هياسين، جو تہ مون ڏسڻ تي چاهيو تہ سوجهري ۾ اچي، تاجُ ڪيئن ٿو لڳي. اها ويل ازل جي ويل هئي، جڏهن ڪائنات تخليق ٿي هئي. مان راج ۽ گيتا پوئين سيٽ تي ويٺا هياسين ۽ ٻئي ۽ سترام ڪار جي اڳئين سيٽ تي. تاج جو شاهي دروازو اڃا بند هو. پرسان ڪنهن مندر مان ڪِيرتن اچي رهيا هيا. جڏهن جهونجهڪڙو هٽيو ۽ سوجهرو ڦهليو تڏهن اِئين لڳو تہ سج تاج جي گنبذ مان اُڀري رهيو هو. تاج محل جو دروازو کليو تہ اسان اندر وياسين ۽ دنيا جي خوبصورت ترين تعمير اسان جي سامهون هُئي. اتي سرڪاري فوٽوگرافر اسان جا فوٽو ڪڍيا، جي منهنجي البم ۾ شامل آهن ۽ ڪجهہ ڇپجي چُڪا آهن.

ٿر ۾ برسات وسي رهي هئي ۽ چوڌاري ساواڻ هئي. واريءَ جون ڀِٽون ائين لڳي رهيون هيون جڻ ڪوئي ايراني قالين ڇنڊي رهيو هو. اُفق تي سج ڪڏهن ڪڪرن مان ليئا پائيندي نارنگيءَ وانگر نظر اچي رهيو هو. مان ساري منظر کي تجريدي آرٽ وانگر ٿو پيش ڪريان ۽ وڻ، ٻوٽا، گل ۽ ولڙيون ائين نہ ٿو اظهاريان، جيئن مون ٿر جي مصوري ڪندي اظهاريا آهن. مان سوچان ٿو تہ چڱو جو مون هندستان ۽ ان کان پوءِ ٿر جي سفر جي باري ۾ يڪدم نہ لکيو ۽ هاڻي هر شيءِ ماني (Manet) جي تصوريت پسند نقش (Impressionistic Paintings) وانگر نظر اچي رهي آهي. مون کي اُهي سفرناما نہ وڻندا آهن، جي ٽوئرسٽ بيورو (محڪمہءِ سياحت) جي پوسٽر يا ڪتابچي وانگر لڳندا آهن. سفر تہ اُهو آهي جو اندر ۾ ٽُبي ڏئي، ڪڏهن هِن پار پهچجي ڪڏهن هُن پار. مون کي لنڊن ۽ لينن گراڊ ۾ بہ پارڪ ياد

اچي رهيا آهن. جتي منهنجي روح هندستان جي شاهراه تان ويندي، يوپيءَ جي جهنگلن سان وحدت الوجود واري محويت محسوس ڪئي.

وٺن ۾ پٽي چئي رهيو هو:

”ايازا هو اُجين واري رات ۾ بہ عجيب وغريب ڪيفيت هئي.“

منهنجي اکين اڳيان سارو منظر ڦري ويو. راج، دِليءَ ۾ پئسا گهرائي نئين ڪار ورتي هئي، ڇو تہ ان ۾ هن کي ڪجھ فائدو پيو ٿي. هو مون سان گڏ تہ هوائي جهاز ۾ دليءَ هليو هو پر موٽڻ وقت ڪار جي ذريعي اچڻ ٿي چاهيائين. اسان چنبل گهاٽيءَ، سرسوتي نديءَ وغيره وٽان ٿيندا، ٻي ٻجي رات جو ڪار روڪي ريسٽ هائوس ۾ تازي ماني تيار ڪرائي کاڌي هئي ۽ ڪجھ وقت لاءِ جهپ لائي وري سفر جاري رکيو هو ۽ جڏهن انهيءَ موڙ تي پهتا هياسين، جتان شاهراهِ عام بمبئي ڏانهن ٿي وئي ۽ هڪ رستو ڦٽي، اُجين ڏانهن ٿي ويو تڏهن راج کان گيتا پڇيو هو:

”هتان اُجين ڪيترو پري آهي؟ اسان بہ تہ ڪاليداس جو مندر نہ ڏٺو آهي.“

راج جواب ڏنو:

”اُجين تہ اسي ميل اندر آهي، پر گويءَ کي ڪاليداس جي مندر ڏيکارڻ کان سواءِ بمبئي موٽي وڃڻ بہ نيڪ نہ آهي. مان بہ اهو مندر ڏسڻ چاهيان ٿو.“

پوءِ اسان اُجين ڏانهن مُڙياسين ۽ پهرين رابعہ دُرانيءَ جو سنگ مرمر جو مقبرو ڏٺو هيوسين. هوءَ اورنگزيب جي زال هئي ۽ اورنگزيب هن تي ماتيلي ماءُ ممتاز محل جهڙو مقبرو ٺهرايو هو پر هن کي شاهجهان جهڙو ذوقِ تعمير ڪونہ هو ۽ ان مقبري جو تاج محل سان ڪوئي مقابلو ڪونہ هو.

مون کي دارا شڪوه جي پورچوگيز ڊاڪٽر ”منوچيءَ“ جا اورنگزيب جي زندگيءَ تي لکيل چار حصا ياد آيا. ڪيئن ڊادِر ۾ جيوڻ خان ٻروچ وٽ دارا پناھ ورتي هئي، ڇو تہ هن جو جيوڻ خان تي احسان هيو ۽ هن جيوڻ خان جي موت جي سزا معاف ڪرائي هئي. ڪيئن احسان فراموش جيوڻ خان هن کي رات جو خوب شراب پيئاريو هيو ۽ مدهوشيءَ جي حالت ۾ گرفتار ڪري، دهليءَ وٺي ويو هو ۽ اورنگزيب جي اڳيان پيش ڪري انعام اڪرام ورتا هيائين، ڪيئن جڏهن دارا دليءَ جي گهٽين ۾ هاٿيءَ تي هٿ ڪڙين ۾ ويٺل هو تہ هڪ فقير سڏ هنئي هُئي، ”دارا اڳي تہ خيرات ۾ هيرا

جواهر ڏيندو هئين، هاڻي تہ توکي ڪجهہ بہ نہ آهي.“

ڪيئن دارا پنهنجي بدن تان قيمتي شال لاهي، فقير ڏانهن ڦٽي ڪئي هئي، ڪيئن اورنگزيب جي حڪم تي دارا کي ذبح ڪري هُن جي مُنڍي وٽس پيش ڪئي وئي ۽ اورنگزيب تلوار سان مُنڍي مٿي ڪري چيو ”هي سِرُ هيو جنهن هندستان تي حڪومت ڪرڻ تي چاهي!“

۽ پوءِ حڪم ڪيو هيائين تہ اِهو سِر رومال ۾ هن جي پيءُ شاهجهان کي پيش ڪيو وڃي، جو تاج محل جي سامهون ٺهيل محل ۾ گرفتار هو ۽ جتي هن جي ڌيءُ جهان آرا بيگم هن سان گڏ خدمت لاءِ رهي پئي هئي. پهريون تہ شاهجهان ڏاڍو خوش ٿيو هو سوچيو هيائين تہ هن جي پُٽ جي دل ۾ قيرو آيو آهي ۽ ڪيس تحفو موڪليو اٿائين. جڏهن رومال هٽائي دارا جو سِرُ ڏٺو هيائين، تڏهن بانورجي پيو هو ۽ ڏاڙهيءَ جا اڌ وارَ پٽي ڪڍيا هيائين. اهو هيو انهيءَ شخص جو ڪردار جو قرآن جا نقل ڪري گذران ڪندو هو. جهان آرا بيگم جو هڪ مشهور فارسي شعر هو. جو لاشعور جي تري ۾ پهچي ويو آهي ۽ انتهائي غوطہ زنيءَ جي باوجود هَٿ نٿو اچي. ها، ڪنهن نامعلوم شاعر جو هڪ شعر الائي ڇو ياد اچي رهيو آهي:

انقلابي کہ نہ گنجد بہ ضمیر افلاک
بینم و ہیچ ندانم کہ چرامی بینم.

(انقلاب، جو افلاڪ جي ضمير ۾ نٿو ماپي،
اهو ڏسي رهيو آهيان ۽ نہ تو ڄاڻان تہ ڇو ٿو ڏسان!)

ائين ٿو لڳي تہ دارا جو سر اُنهيءَ رومال ۾ ٽپا ڏئي رهيو آهي ۽ ڏڙ کي ڳولي رهيو آهي. مون کي غالب جو غير مطبوعہ شعر بہ ياد جي تري ۾ پيهي ويو آهي ۽ انتهائي غوطہ زنيءَ جي باوجود هٿ نہ ٿو اچي. ها، ڪنهن نامعلوم شاعر جو هڪ شعر الائجي ڇو ياد اچي رهيو آهي جو مون کي پنهنجي جهوني دوست مقصود احمد حميديءَ ٻڌايو هو جو ڪجهہ وقت اڳ سنڌ جو ائڊيشنل چيف سيڪريٽري هو.

قفس میں روزنِ دیوار و زخم در نہیں لیکن
صدائے طائرانِ آشیاں گم کردہ آتی ہے

قفس جي ديوار ۾ نہ دريون آهن ۽ نہ در زخم وانگر کليل آهي، باقي

آڪيري مان گمر ڪيل پڪيئڙن جو پڙلاءُ اچي رهيو آهي.)

پڙهندڙن جي معلومات لاءِ لکان ٿو تہ جڏهن مان آگري ۾ شاهجهان جي اُنهيءَ محل ۾ ويو هوس، جتي هو قيد هو ۽ جتي هر ديوار ۾ هزارين ننڍا شيشا لڳل ها، جن ۾ تاج نظر اچي رهيو هو تڏهن مون شاهجهان جي اُنهيءَ تخت تي ليٽي، فوٽو ڪڍرايو هو جتان هو تاج کي ڏسندو هو. اُهو فوٽو اڃا مون وٽ آهي.

وري موٽان ٿو ويجهي ماضيءَ ڏانهن رابعہ دُرانيءَ جي مقبري ۽ پَن چڪيءَ کي ڏسي، اسان ڪاليداس جي مَندر ۾ وياسين. ڪالي داس، جو سنسڪرت جو مهاڪوي هو. شڪنتلا، وڪرم اُروشي، ميگهہ دوت، رگهُو ونش ۽ ٻين ڪوتائن جو مصنف هيو ۽ جنهن جا ترجما پڙهي سارو مغرب مرعوب ٿي ويو هو. مَندر ۾ خاص ڳالهہ نہ هئي، اُتي لنگمر پوڄا ٿي رهي هئي ۽ هندو استريون شِوَ جي لنگمر تي کير هاري رهيو هيون. مان هندو ڌرم ۽ اسلام تي پوءِ لکندس. ها رگ ويد، جو سنڌ جي ڌرتيءَ تي رچيو ويو هو نهايت پياري ڪويتا آهي. جڏهن ڪاليداس جو نالو ايندو آهي، مون کي پنهنجو پيارو دوست ڊاڪٽر مهڪري ياد ايندو آهي، جنهن سان هڪ ڀيري ڪاليداس تي بحث ڪري رهيو هوس تہ هن چيو هو:

"اياز! ڀاڻ تہ گوري داس آهيون، پنهنجو ڪاليداس سان ڇا؟" هن جو وڏيڪ ذڪر سنڌ يونيورسٽيءَ جي پس منظر ۾ ڪندس.

اُتي ڪاليداس جي مندر تي اسان کي رات جا ٻارنهن وڳا. اُتان ڪان گُرو گورکناٿ جي گڦا 20 ميل پري هئي. رستو ڪِڙِٻڙ ۽ وروڪڙ هو. اسان گڦا وٽ ٻارهين بجي رات جو پهتاسين. مون، رشيد ۽ راج کي فل سوٽ پيل ها ۽ گيتا کي نرڙ تي تلڪ لڳل هو ۽ ان ڪري جنهن اسان جو وڏو تاڪائون در کوليو انهيءَ اسان مان ڪنهن کي بہ مسلمان نہ سمجهيو. هندي شاعريءَ ۾ پريم مارگ جو باني تہ ملڪ محمد جائسي هو پر ان جا بنياد گرو گورکناٿ رکيا ها. منهنجي هندي ادب جي ان وقت ڄاڻ معمولي هئي. گيتا عمر ۾ تہ مون کان پندرنهن سال ننڍي هئي، پر هندي ادب جي تعليم ۾ منهنجي استاد هئي. هن غالباً هندي ادب ۾ ايمر. اي ڪئي هئي ۽ هندي ادب جو ڪافي مطالعو ڪيو هو. هوءَ بمبئيءَ ۾ اڪثر مون کي هند جي جديد ڪويءَ نرالا ۽ هندي ادب جي ڇاياوادي اسڪول جي شاعره مهاديوي ورما جي شاعري

ٻُڌائيندي هئي. ٻنهي جي ادب سان هُن جو ڪافي لڳاءُ هو. جڏهن اسان گورکنات جي گُفا ڏانهن ٿي وياسون تہ رستي تي هن چيو تہ:

”مان ڀانيان ٿي گورکنات، پرٿوي راج جي زماني کان بہ ڪافي پوءِ پيدا ٿيو هو ۽ هن جو سلسلو قائم ڪيو ان کي ناٿ پنٿي چوندا ها. جي واقعي ائين آهي تہ گورکنات ۽ ناٿ پنٿي پرٿوي راج جي دؤر کان پوءِ پيدا ٿيا ها تہ اهو ظاهر آهي تہ ان وقت عربن جي اچ وڃ شروع ٿي وئي هئي. مهاراشٽرا جي سامهون ڪنارن تي عرب تاجر سامان کڻي ايندا هُيا. انهن ڪجهہ هتان جا لفظ سکيا ۽ هتي پنهنجا نشان بہ ڇڏيا. سنڌ ۾ تہ محمد بن قاسم جي حملي کان پوءِ ڪافي عرب مسلمان سنڌ ۾ رهي پيا ۽ سنڌي ٻوليءَ تي اثر ڇڏيائون. جنهن کان پوءِ سبڪتگين ۽ محمود غزنويءَ جا خاص ڪري پنجاب تي حملا شروع ٿيا. اُن وقت گورکنات جا ناٿ پنٿي پنهنجا پير کوڙي رهيا ها. ان سان گڏوگڏ ڪيئي مسلمان گهراڻا پنجاب ۾ وسي ويا هيا ۽ اتان جون ريتون رسمون اپنايون هُيائون. پرٿوي راج چوهاڻ جي پيءُ جي زماني ۾ خواجا معين الدين چشتي غريب نواز هتي آيو ۽ پيا بہ ڪيئي صوفي ۽ مسلمان فقير هندستان ۾ آيا ها.“

گيتا وڏيڪ چيو تہ:

” صوفي ۽ هندو يوگي، ڳالهہ تہ لڳ ڀڳ ساڳي آهن. ٻئي روحانيت جا قائل آهن. ٻئي هن سنسار کي مها چار سمجهن ٿا. ٻئي ڪنهن اننت ۾ اصلي حقيقت ۾ اعتبار ڪن ٿا ۽ انهن جي حالت ”من تو شدم تو من شُدي“ واري آهي. ٻئي ائين چاهن ٿا تہ آتما پرماتما ۾ ائين لين ٿي وڃي، جيئن پاڻيءَ ۾ لوڻ ڳري ويندو آهي. گورکنات ڏهين صديءَ ۾ ٿيو يا تيرهين ۾، اهو ظاهر آهي تہ هو مسلمانن سان سنبنڌ پيدا ڪري چڪو هو. ناٿ پنٿين ۾ بہ ڳالهيون نہ آهن. نہ هو مورتي پوڄا ڪن ۽ نہ تيرٿ ياترا. هنن جي نظر ۾ ايشور هڪ آهي.“

اُن تي مون گيتا کي چيو تہ:

”تو جڏهن پاڪستان ڇڏيو تڏهن انين نوين سالن جي هُئينءَ. توکي خبر نہ آهي تہ لس ٻيلي کان ٽيهہ پنجٽيهہ ميل پري هنگور نديءَ جي ساڄي طرف هنگلاج آهي، جتي هڪ ديويءَ جو مندر آهي، جنهن کي مسلمان ”ناني“ چون ٿا ۽ اُتي ناٿ پنٿي اچ تائين ياترا ڪندا آهن ۽ اتي گورکنات ۽

راجا پرٿوي هريءَ بہ ياترا ڪئي هُئي. پيٺائيءَ جي شاعريءَ ۾ بہ گورکناٿ[1] جو ذڪر آهي."

هاڻي مان وري اتان شروع ٿو ڪريان، جڏهن اُجين ۾ گورکناٿ[2] جي گُفا جو تاڪائون در کُليو. مون ڏٺو تہ اندر ٽي چار مشعلون ٻري رهيون هيون ۽ اُهي ڪانيءَ جي ڪِلن تي رکيل هيون، جي ڌرتيءَ ۾ کُتل هيا. پتنگ ميڙا ڪري مشعلن تي ٿي آيا ۽ پنهنجون کنيڙاٽيون کوهي، ڍير ٿي پٽ تي ٿي ڪِريا. پنج ڇهہ گاروڙي وينا ها، جي پنٽ مان ٿي ڏٺا ۽ جي سلفين مان وَزم هٽي رهيا ها. چوڏاري گانجي جي ڌپ هُئي. اڳتي پڌرڙي ۾ چنڊ آڪاس ۾ ڪڪرين سان لڪ- چُپ ٿي ڪئي ۽ اُنهن جي مُنهن تي نظرون وجهي چُپي ٿي ويو. پٽيءَ پنهنجي نرڙ تي هٿ لائي پڪ ڪئي تہ چندن جو تلڪ اجا لڳل آهي، مون گاروڙين کي چيو: (نہ ڄاڻان مون انهن کي گاروڙي ڇو ٿي چيو شايد انهن جو ڊگهيون جٽائون ڏسي، جي ڪاريهرن وانگر لهرائي رهيون هيون ۽ دونهين سان ملي هڪ پُراسرار فضا پيدا ڪري رهيون هيون!)

"اسان بمبئي ٿي وياسين. رستي تي خيال آيو تہ گروجيءَ جي غفا (هنديءَ ۾ گُفا) ڏسندا وڃون. اوهان اسان کي درشن ڪرائيندؤ؟"

هڪ گاروڙي، جنهن جي ڏاڙهي اربندو گهوش جهڙي هئي، سلفيءَ جو اونهو وزم هٽي، نڪ مان دونهون ڪڍيو جو هاٿيءَ جي ڏندن وانگر ٻاهر نڪري آيو ۽ پوءِ مشعل کڻي اسان کي چيائين: "منهنجي ڪڍ اچو." ويهارو

1 مان ۽ جمال تہ لاهوت لامڪان تائين وياهئاسين، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو پر جمال جو پٽ بدر ابڙو پنهنجي ليکي نہ رڳو لاهوت پر هنگلاج تائين ويو هو ۽ تازو هڪ دلڪش ڪتاب "هنگلاج ۽ لاهوت" لکيو اٿائين، ان ۾ صفحي 68 تي لکيل آهي:
"انيل ڳن ڏانهن ويندي، گورکناٿ جي ڏوٽي اچي ٿي. گور کناٿ سان منسوب جبل سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي آهن. خاص ڪري جوهيءَ لڳ هڪ جبل پنهنجي ٽڏڪار ۽ اُوچائيءَ سبب گهڻو مشهور آهي. هيو جبل لاهوت لامڪان وٽ آهي. شري گورک جو هڪ جدا پنٿ آهي ۽ هن ان پنٿ جو بنياد وڌو هو. سندس مول متو هو تہ دنيا ۾ ڪوئي اُوچ نيچ نہ آهي. شري گورکناٿ وڏي حشمت وارو ماڻهو هو. هو پنهنجي پنٿ سان گڏ هنگلاج ديويءَ جو بہ وڏو پرچارڪ هو."

2 "گورکناٿ پاڻ، راجا رؤپچند ۽ راجا پرتري سيئي هڪ گرو شري رامچندر ناٿ جا چيلا هئا، پر گورکناٿ ڄاڻ ۾ استاد کان اڳتي نڪري ويو. هن پنهنجو وڏو مرڪز سيوستان کي ٺاهيو هو ۽ ٻيا مرڪز شاهہ لاهوت، ڪراچي ۽ ماريپور جي وچ ۾ اڇوڪي گورک مڙهي يا آمري تلاءَ ۽ هنگلاج وٽ ٺاهيا ها. هنگلاج وارو انيل کوهہ گورکناٿ سان منسوب ڪيو وڃي ٿو (راجاپرتري هريءِ اجين نگريءَ جي راجا گنڌر سين جو ٽيون نمبر پُٽ هو. ٽنهي پٽن هڪ ٻئي پويان اجين جي گادي سنڀالي هئي پر هڪ ٻئي پويان سنياس بہ ورتو هيائون." (ڪتابڙو: پرتري هري- سندر شيوا منڌلي)

قدمن تي هڪ سنگ مرمر جي ڏاڪڻ وٽ اسان کي اشارو ڪري چيائين تہ، ”هيٺ اچو“ هڪ ڏاڪڻ، ٻي ڏاڪڻ، ٽين ڏاڪڻ، نيٺ ڇهين يا ستين ڏاڪڻ آئي، تڏهن اسان جو دم منجهڻ لڳو. اُتي هُن هڪ سنگ مرمر جي صندلي ڏيکاريندي چيو:

”هتي، هِتي سانده ڏهہ سال گرو گورکناٿ ۽ هن جي چيلي راجا ڀرتري هريءَ تپيسا ڪئي هئي، تڏهن هنن کي مُڪتي ملي هئي.“

مشعل جا پاڇاوان پٿين ۽ ڏاڪڻ تي پئجي رهيا هئا ۽ اسان وٽي ڪنهن ماورائي دنيا ۾ نڪتا هئاسين. اتي مون ڇا محسوس ڪيو هو اهو لفظ پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي نہ ٿا سگهن. منهنجا لفظ بہ ماهر ماهيگير آهن، پر اهو ماورائي احساس، اهو اُجگر آهي، جو انهن جا سارا اوجهاڻ ڇني ڏاڳا ڏاڳا ڪري ڇڏي ٿو بهر صورت اها رات منهنجي هانوَ تي اڄ تائين اُڪريل آهي ۽ ديوانِ غالب جي پهرين مصرع وانگر آهي:

*نقش فریادی ہے کس کی شوخیٔ تحریر کا*

انهيءَ شعر جو ٻيو مصرعو فقط موت ئي لکي سگهي ٿو. جڏهن اسان گاروڙين کان موڪلائي ٻاهر ڪار ۾ اچي ويٺاسون، تڏهن مون گيتا کي چيو:”گيتا! حيرت آهي تہ علامہ اقبال جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”بانگِ درا“ڀرتري هريءَ[1] جي هڪ شعر جي ترجمي سان شروع ٿئي ٿو:

---

[1] تازو مون هندستان مان انگريزيءَ ۾ ڀرتري هري ۽ ٻلهانا تي ڪتاب ورتو هو جنهن ۾ نہ رڳو ”ڀرتري هري“ ۽ ” ٻلهانا“جا سنسڪرت جا نظم ترجمو ٿيل ها، پر انهن جون مختصر آتم-ڪهاڻيون بہ ڏنل هيون. ڀرتري هريءَ جي نظم جا نمونا آهن:

هاڻي بہ
مون کي هن جون اکيون ياد آهن،
جي ڪنبي رهيون هيون ۽ پيار ۾ پورجي ويون هيون.
هن جو سرير سنهڙو ٿي لڳو
جنهن تي عمدو لباس پيو هو ۽ وار ڇڙيل ها.
هوءَ هنس وانگر لڳي رهي هئي
ڪام روپي ڪوٽين جي جهُمٽ ۾
مان هُن کي نہ رڳو هئي جنم ۾
پر سمٽ جي انت تائين ساريندس.“
يا
”جڏهن چنڊ جو سهائو پڪ
هن ڪامڻيءَ جي ڪنول مُک تي
چمڪي ٿو

پھول کے پتے سے کٹ سکتا ہے ہیرے کا جگر
مردِ ناداں پر کلامِ نرم و نازک بے اثر.

علامه اقبال" بانگِ درا"، ٻين ڪتابن "بالِ جبريل" ۽ "ضربِ ڪليم" کان اڳ لکيو هو. ان وقت هن تي وطن پرستيءَ جا جذبا حاوي هئا ۽ بانگِ درا ۾ 'همالا'، 'نيا شوالا'، 'ميرا وطن وهي هي'، 'هندستان همارا'، سُوامي رام تيرٿ جو آپگهات وغيره نظم لکيا هيائين. ڇا علامه اقبال اُجين ويو هو ۽ پرتري هريءَ جي تپسيا واري جاءِ ڏٺي هيائين؟" گيتا کي معلوم نه هيو.

جڏهن اسان سکر ۾ رهندا هياسين ته مون رشيد ڀٽيءَ کي چيو هو ته تو هندستان جي سفر جا نوٽ ورتا هئا. مون کي انهن جو نقل ڪري ڏي. رشيد ڀٽي گذاري ويو ۽ هن جي هٿ اکرن ۾ اُهي نوٽ مون وٽ موجود آهن، جي مان هن سفرنامي لکڻ وقت ڳولي لڌا آهن ۽ جي مون ضميمو ڀھريون ڪري هن ڪتاب سان شامل ڪيا آهن. ماڻهو پنهنجي آتم ڪهاڻي تاريخ وار تڏهن لکي سگهندِو آهي، جڏهن هو تاريخ وار ڊائري رکندو آهي، نه ته هن جي تحرير اڳتي پُٺتي ٿي ويندي آهي. هن جي ياد ڪڏهن وڄ وانگر چمڪندي آهي، ڪڏهن ڏيئي وانگر ٽم ٽم ڪندي آهي، ڪڏهن انيڪ ستارن وانگر جهُڙ ۾ جهمندي آهي. ڪڏهن ان ۾ تسلسل هوندو آهي ۽ ڪڏهن نه. ڪڏهن اهو ريشم جي رسيءَ وانگر هوندو آهي ۽ ڪڏهن ان جي خاردار جهاڙيءَ کي ڪائي اڻ ڏٺي ٻڪڙ ڪٽي ڇڏيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مستقبل ڏيکارا ڏيندو آهي ۽ ان ۾ پٺتي موٽ ٿِرمرائيندي آهي، چِتَ ۾ چٽڪندي آهي ۽ دل تي تري ايندي آهي.

پر هاڻي ڀٽيءَ جي تاريخ واري ڊائري موجود آهي، جا مان هن سفرنامي جي اختتام تي ڏيان ٿو. اُها آهي نهايت مختصر، ڇوته سفر ۾ تفصيلي ڊائريءَ جو سوال ئي نه ٿي اُٿيو. ايترو وقت ڪٿي هو پر ان ۾ لڳ ڀڳ سارا

---

تڏهن هن جي ڇپن ۾ ماڪي سمالي لڳي ٿي،
پر هاڻي جيڪو ايرائونءَ جي ڦل تي،
ڪچي ڦَل وانگر
چڳو چؤڪو لڳي رهيو آهي،
جڏهن سمئہ وهامي ويندو
تکي وِهَ وانگر ٻاسندو.

واقعا سمايل آهن. جي اسان 1963ع ۾ پارت ۾ ڏنا هئا. ڪٿي مان انهن کي وڏيڪ چٽو ڪرڻ لاءِ فٽ نوٽ ڏيڻ چاهيان ٿو. پيهر مان ستاويھ سالن کان پوءِ پارت ويو هوس. تورا پراڻا واقف گذاري ويا هئا. باقي ڪيترن سان ملاقات ٿي هئي. ڪجھ نوان دوست بہ ٿيا هئا. اُتي مون کي پتو پيو تہ منهنجي شاعري ڪيتري ڦهلجي چُڪي آهي ۽ ڪيتري عزت ۽ احترام سان ڏني ٿي وڃي.

پتيءَ سان منيءَ تائين گفتگوءَ مان هڪ ڳالھ خاص طور ياد اچي ٿي:

"اياز! شِوَ پوريءَ ۾ باک کهڙي نہ پياري هئي! سيارو هو ۽ اڳئينءَ رات جو اسان اڌ رات تائين باھ پاري ڪمرو گرم ڪيو هو. ڪاٺيون انگيٺيءَ ۾ جلي رهيون هيون ۽ اسان 9 بجي ماني کائي، ٻارهين بجي تائين ڪچهري ڪري پوءِ سمهي پيا هياسين. جڏهن صبح جو پنجين بجي مون کي جاڳ ٿي هئي تہ تون ۽ گيتا سراءِ جي وڏي پڊر ۾ گلاب جي گلن تي ماڪيءَ جون مکيون ڏسي رهيا هُيؤ. گيتا ٻڌايو هو تہ هنديءَ ۾ ماکيءَ جي مک کي مَڌُوڪر چوندا آهن ۽ مڌ ماکيءَ کي چوندا آهن. اسان وٽ شراب کي چوندا آهن. شايد اهو مِنو هوندو هو جيئن سؤنفي شراب ٿيندو آهي! ان جو اثر ڪڙو هوندي بہ ذائقو ماکيءَ کان مٺو ٿيندو آهي! ڪيڏي گلاب ۽ رابيل جي خوشبوءِ هئي اُن پڊر ۾! مون اکيون مهٽيون هيون تہ ائين لڳو هو ڄڻ گلاب مهڪي رهيو آهيان."

مون کي ٽي نديون بہ ياد آيون. هڪ چنبل گهاٽيءَ ۾ سرسوتي، جڏهن سج اُن ۾ ٽپي ڏني هئي ۽ ان جو سونهري مٽو پاڻيءَ ۾ جرڪي رهيو هو ٻي نربدا، جنهن جو پاڻي ڏاڍو صاف ۽ شفاف هو ۽ لهرون ڏاڍيءَ تيزيءَ سان وڃي رهيون هيون، جن ۾ پيهريءَ جو سج يوناني ديويءَ وينس جي تنل بُت وانگر لڳي رهيو هو ۽ ٽين ناسڪ ۾ گوداوري، جڏهن اسان اتي باک جو پهتاسون ۽ ڏٺوسون تہ گهاٽي پيپل جي ڇانوَ پاڻيءَ ۾ وهي رهي هئي ۽ پرتي ڪيئي سانوريون ناريون مٿي تي گهڙا کڻي اچي رهيون هيون. انهن جون رنگارنگي سوٽي ساڙهيون ڌرتيءَ جي شفق وانگر لڳي رهيون هيون ۽ اهي امرتا شير گل جي ساريءَ مصوريءَ کان وڌيڪ خوبصورت ٿي لڳيون.

هونءَ تہ پراڻي سکر ۾ منهنجو چوماڙ گهر سنڌوءَ کان سئو قدمن تي هوندو هو ۽ اونهاري ۾ جڏهن پرھ جو هير هندوري وانگر گهلندي هئي، تڏهن مان چئين بجي.صبح جو اُتي بجليءَ جي روشنيءَ تي شاھ لطيف جو اردوءَ ۾

منظوم ترجمو ڪندو هوس. ان ترجمي ۾ ڪڏهن پنهنجي ڪائي خوبصورت سِٽ وڌائي ڇڏيندو هوس، ڇو تہ دل ۾ ايندو هو تہ اها سٽ پٽائيءَ کان پلجي وئي هئي ۽ هن نہ لکي هئي. اٽڪل پنجين ٻجي تڪ پيچرَ لاءِ مان ڳَر موڙي ڇت جي پٽ تان ڏسندو هوس، جڏهن پرهہ سنڌوءَ تي ڳَر موڙيندي هئي ۽ پرسان ٻيلي مان هزارين پکي قطارون ڪري آسمان ۾ پٽائيءَ جي سٽن وانگر اُڏامندا ويندا ها. گهڻو ڪري اُهي وَهيا هوندا ها، جي روهڙيءَ ۽ خيرپور جي ڪچين ڏانهن ويندا ها. زرينا جي ننڊ مان اک کُلندي هئي تہ ڪاوڙجي چوندي هئي:

”توکي اهڙي کهڙي عادت آهي، ساجهري ٻتي ٻاري ڪچيءَ ننڊ مان تو جاڳائين. پٽائي ڪو پيچي تہ نہ ٿو وڃي!“

پوءِ روشنيءَ تي ٿي اکيون ٻوٽي سمهي پوندي هئي. جوانيءَ جي ننڊ بہ ڪيتري پياري ٿي ٿئي، پر مون کي پٽائيءَ جي وائيءَ جي اها سٽ:

”وِمــاســيــو نــہ ويــڙ، جوبــن ٻہ ٿي ڏينهڙا.“

دل ۾ کُپي وئي هئي. سدائين مون ائين سمجهيو آهي تہ شاعري ننڊ جي ٻهاج آهي. ٻئي ڳڏ نہ رهي سگهنديون آهن ۽ ٻنهي مان هڪ کي چونڊڻو پوندو آهي. شاعري آرسي ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. شاعر جي شعور، تحت الشعور ۽ لاشعور کي چوويهہ ڪلاڪ ان جي راهہ تي رهڻو آهي.

باک جو مون کي هيٺيون فارسي شعر بہ بار بار ياد ايندو هو:

سحر گاہان نسیم آہستہ خیزد،
چنان بر برگِ گل شبنم نہ ریزد.

نہ ڄاڻان اهو ڪنهن جو شعر آهي؟ ان جو ترجمو آهي:

پرهہ ڦٽيءَ جو هير ايترو آهستي گُهلي رهي آهي،
جو گل جي پن تان ماڪ ڦڙو بہ نہ ٿو ڇُلڪي.

سنڌو مستيءَ ۾ وهندي ويندي هئي ۽ ائين لڳندو هو تہ منهنجي گهر جي پرسان وهي رهي آهي. غالب کهڙو نہ چڱو چيو هو:

وہ فراق اور وہ وصال کہاں؟
وہ شب وروز ماہ وصال کہاں؟

ائين تہ مون پنج ند، ستلج ۽ راويءَ ۾ سج کي ڪنهن طلائي مرغابيءَ وانگر ٽُٻي ڏيندي ڏٺو آهي. بنگلاديش ۾ اُن جا ڪرٽا ڪرنافليءَ، گنگا، پدما ۽ ميگهنا نديءَ ۾ ائين چمڪندا ڏٺا ها، جيئن ڪنهن نويليءَ نار جو مُنهن اُس ۾ ٻهڪندو آهي. اهي منظر بار بار منهنجي شاعريءَ ۾ اُڀري آيا آهن. منهنجو تحت الشعور هن ڪائنات جو خوبصورت تهہ خانو آهي. جنهن ۾ سمنڊ آهن، نديون آهن، سج آهن، چنڊ آهن، ستارا ۽ ڪتيون آهن، انهن جو غروب ۽ طلوع آهي. ننڊ ۽ جاڳ جا اُهي پيارا پل آهن، جڏهن مون ڪنهن کي ڪائنات کان بہ وڏي آغوش ۾ سميٽيو آهي، محبت ڪئي آهي. اڪيون، چپ، ڳل، ڳچي، اَنگُ اَنگُ چميو آهي ۽ هن کي ڪائنات کان وڏيءَ شيءِ وانگر سمجهي، هن جي پرستش ڪئي آهي.

پٺيءَ سان ڳالهين ۾ وقت اُڏامندو ٿي ويو. وقت ڪڏهن سُرٽي وانگر سُرندو آهي، ڪڏهن اُن جا پوپٽ جا پر هوندا آهن. اِن ڳالهہ جو چِت وَرت تي مدار آهي، مَنو ياوَ تي مدار آهي. ڪڏهن ماڻهو سک ۾ آهي تہ ڪڏهن ڏک ۾، ڪڏهن طبيعت درست آهي ڪڏهن تؤنڪرايل.

ابراهيم ۽ جمال اسان کي ٽورو ٻڌي رهيا ها، پر هو گهڻو ڪري چانگ سان ڳالهيون ڪري رهيا ها، جو ننگر پارڪر جو هو ۽ چئي رهيو هو تہ اُتي ٿرَوَٽ صاحب ڪيئي نمون پوڪايون هيون ۽ جنهن ريسٽ هائوس ۾ اسان ترسڻا هياسين ان جي چوڌاري نمون آهن. جي ڪوئي مغربي مصور ڏسي، تہ ڪئنواس کي ننگر ۽ ڪارونجهر مان نہ هٽائي، ڇو تہ اتان جهڙو پيارو منظر هن کي دنيا ۾ ورلي ملي، پر ان ڳالهہ تي مان پوءِ ايندس. في الحال تہ مِٺي اچي وئي آهي. اها مِٺي ڪير هئي، ڇا اُها ايتري مِٺي هئي، جيتريون مٺيون عورتون منهنجيءَ زندگيءَ ۾ آيون آهن، جو شهر تي نالو ئي مِٺي رکيو ويو آهي؟ مون سان هندو ڇوڪري لا ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، جنهن جو نالو ئي مِٺي هوندو هو ۽ جا صوفيا لارين وانگر ڏاڍي ڦڙت ۽ ٺاهوڪي لڳندي هئي. جڏهن تيزيءَ سان گهران ڪاليج ۾ پنڌ ايندي هئي تہ جوانيءَ جو خون هن جي ڳلن مان شراب وانگر ٽپڪندو هو. هن کي ڏسي مون کي فروغي بسطاميءَ جو هڪ شعر ياد ايندو هو:

مي زند از چشم و لبت جوش مَی،
دوش مگر ميڪده ها خورده اى.

ترجمو: (تنهنجين اکين ۾ ڇپن مان شراب ڇوليون هڻي رهيو آهي، ڪلهه رات شايد پورا مئخانا پي وئي آهين)

هاڻي مان وري ڊاڪٽر سچڻ جي وئن ۾ موٽي ٿو وڃان، ٿر جي ڏکڻ طرف ڪڇ جو رڻ آهي. ڏيپلي ۽ مٺي تعلقن جو ڏاکڻو پاڳو رڻ سان دنگئي آهي. ان پاڳي کي "وٽ" چوندا آهن. اُتي زمين ڪجهه سنئين ۽ پاڻي بلڪل تانگهو آهي. اُتي کوهن کي اونهائي گهڻي ڪانهي. اُتي "ڪُتاني" ۽ "گوڏانگڙي" ڳوٺن جا نالا به انهيءَ ڪري پيا آهن. "ڪُتاني" نالو هن ڪري رکيو اٿن، جو اتي کوهه مان ڪُتو به نِئڙي سولائيءَ سان پاڻي لَڪي سگهي ٿو ۽ "گوڏانگڙي" ان ڪري پيو آهي، جو وهٽ گوڏا کوڙي کوهه ۾ ہوٺ وجهي پاڻي پي سگهي ٿو. جي اهي لفظ استعاري طور استعمال ڪجن ته سنڌيءَ جي ڪجهه جديد شاعرن جي شاعري "ڪتاني" ۽ "گوڏانگڙي" آهي.

ان ۾ شڪ نه آهي ته ٿر خدا جي مصوري آهي. خدا، جو عظيم ترين مصور آهي ۽ پوري ڪائنات هن جي ڪئنواس آهي. مون کي سارو ٿر تصوير وانگر نظر آيو جنهن مون تي ۽ منهنجي شاعريءَ تي اَمٽ ڇاپ، ڇڏي آهي. هاڻي جڏهن مان تصور ٿو ڪريان، تڏهن مون کي مِٺيءَ جا گهر پِڪاسو جي ڪيوبسٽ تصويرن وانگر ٿا لڳن. اتي غربت هئي، ڪٿي رب تي رڏي وئي، ڪٿي ڪرنگهه تي قناعت ڪئي وئي. ڏوٿي ڏوڪڙ _ ڪلچر جو حصو نه ٿيا ها، پر انهن جو اندر آڪاش جيترو وشال هو جنهن کي نوَ لک نيڻ آهن. اڄا تائين هن پجيرو ۽ لئنڊڪروزر جي دور ۾ مون کي سانگيئڙا نانگ بلا جي پرواهه نه ڪندي، اُگهاڙي پيرين پنڌ ڪندي ٿا نظر اچن، يا ڪنهن ڪيڪڙي ۾ واڙيل ٿا نظر اچن ۽ جي واڪا ويهڻ چاهين ٿا ته اُن جي جوڪائتي ڇت تي جڪڙجي ويهن ٿا. جنهن ٿر جي بس تي "ڪيڪڙو" نالو رکيو هو اهو ڪنهن جپاني هائڪو نويس کان به وڏو مصور شاعر هو.

اهو سارو وقت جمال خاموش هو. اڄ تائين لڳندو آهي ته هو نوح جي ڪشتيءَ ۾ سيلابِ فنا کي حيرت سان ڏسي رهيو آهي. هو مون سان گڏ ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو. مان علامه اقبال وانگر "دوڙ پيڇهي کي طرف، اي گردشِ ايام تو" چئي، جمال جي اٿاهه خاموشيءَ تي لکڻ چاهيان ٿو پر ٿر جي سفر جو سلسلو منقطع ٿي ويندو. في الحال مان هن جي باري ۾ فقط صائب

ڪٿي نہ پيچبو تَڏَهُ مسافر
جو شعر لکان ٿو:

خوب مي گويد سخن هر کس که گفتارش کم است،
ميوه نيکو پر ورد هر شاخهٔ بارش کم است

(جيڪو گهٽ - ڳالهائو آهي، گهڙو نہ چڱو ٿو ڳالهائي،
جنهن ٽاريءَ تي برسات گهٽ پوندي آهي، ان تي ميوو پلو ٿيندو آهي.)

هن اوچتو ڳالهايو:

"اياز! جڏهن مان ٽر ۾ سب جج هوس، تڏهن هڪ ٽريءَ کان پڇيو هيم، "اوهان ٽري ڪٽڪ نہ ڪائيندا آهيو ڇا؟" هن جواب ڏنو هو "سائين! اسان کي تہ ڏٿ بہ نہ ٿو مِلي، ڪٽڪ تہ ميوو آهي."

انهيءَ هڪ سٽ ۾ هن ٿر جي صدين جي پيڙا سمائي ڇڏي هئي. هو مختصر لفظن ۾ هڪ ڪائنات سمائڻ جو وڏو ماهر آهي. اها ڳالهہ هن جي ڪهاڻيءَ "پيراڻيءَ" مان ظاهر آهي. ساري دنيا ۾ دکي انسانيت جي باري ۾ لکيل ڪهاڻيون انهيءَ ۾ سمائجي ويون آهن. هو ٿورو ڳالهائي جڏهن ٻڌندڙ کي ڏسندو آهي، تڏهن پٺائيءَ جو سُر راڻي ۾ مومل جي مجاز جي باري ۾ "اکين ۾ انبور" محاورو ياد ايندو آهي. ڪنهن کي اکين ۾ انبور ڏسڻا هجن تہ جمال جون اکيون ڏسي. اهي نظرون رِوٽ وانگر ڪيترين دلين ۾ کُپي ويون هونديون، ان جي باري ۾ جمال ٻڙڪ نہ ٻاقيندو آهي. "ٻاهر ٻاڦ نہ ڪري" ٻي پٺائيءَ جي سٽ آهي، جنهن جو جمال مجسم ثبوت آهي. مان پانيان ٿو اهوئي سبب هيو جو هن جي سچي هٿ اوچتو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو (هو ان سان لکي نہ ٿي سگهيو). ڊاڪٽر ان کي"اديب جو مرض" (Writers Disease)چوندا آهن. شايد جمال جي تحت الشعور ٻهانو ٿي ڳوليو جيئن هو اُهي وارداتون نہ لکي سگهي، جي هُن لکڻ ٿي چاهيون.

مون کي زندگيءَ ۾ ٻيا بہ خاموش انسان بہ مليا آهن، جن مان هڪ شاعر ۽ دانشور هو ۽ ٻيو نثر نويس، مورخ ۽ دانشور هو ۽ ٻئي اشتراڪي هيا ۽ منهنجا گهرا دوست هيا. مون کان عمر ۾ ڏهہ پندرنهن سال وڏا هئا. اهي هئا"فيض احمد فيض" ۽ "سيد سبطِ حسن". فيض تہ منهنجي منتخب شاعريءَ جي منظوم پنجابي ترجمي جو پيش لفظ لکيو آهي. مون کي منهنجي مترجم ۽ دوست احمد سليم ٻڌايو تہ جڏهن هو منهنجو قلمي نسخو فيض وٽ کڻي ويو تڏهن فيض هن کي چيو هو:

”اهو ترجمو مون وٽ ڇڏي وڃ! اياز منهنجو دوست آهي، پر مان سنڌي نہ ڄاڻان ۽ هن جي شاعري رڳو اردوءَ ۾ پڙهي آهي. صبح جو مون وٽان پيش لفظ سان پنهنجو قلمي نسخو کڻي وڃجانءِ.“

احمد سليم مون کي ٻڌايو هو تہ هن کي تعجب لڳو جڏهن صبح جو فيض پيش لفظ لکي، کيس ڪتاب موٽائي ڏنو ڇو تہ ٻين جي ڪتابن تي پيش لفظ لکڻ لاءِ فيض گهٽ ۾ گهٽ هنن کي هڪ سال رڙائيندو هو. احمد سليم اهو بہ ٻڌايو تہ فيض فقط هڪ نظم کي نشان ڏئي ڇڏيو هو ۽ مون کان پڇيو هو تہ احمد سليم ان نظم مان اياز جو مطلب ڇا هيو؟ اهو هي هيو.

”جي انهن جي
ٻج مان
آفيم نہ ٺاهيو وڃي ها
تہ
هي ڳاڙها گل
کهڙا نہ پيارا ها!“

مون مُرڪي احمد سليم کي جواب ڏنو. ”مون اِهو نظم ڪميونزم جي باري ۾ لکيو آهي.“

سبطِ حسن بہ فيض وانگر گذاري ويو آهي ۽ ڇڱو جو اهي ٻئي يو. ايس. ايس. آر جي خاتمي کان اڳ راهِ رباني وٺي ويا، نہ تہ هو ڏاڍو مايوس ۽ دلشڪستا ٿين ها. سبطِ حسن ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. ”ليل ونهار“ هفتيوار لاهور مان ڪڍندو هو ۽ ڪراچيءَ مان ”پاڪستاني ادب“ رسالو ڪڍيو هيائين، جنهن جي سعيده گزدر سان گڏ ادارت ڪندو هو. هڪ ٻيرو بين الاقوامي سطح تي ڪميونسٽ امير خسروءَ جي پنج سئو سالہ ورسي ملهائي رهيا ها. ”پاڪستاني ادب“ بہ امير خسروءَ تي خاص نمبر ڪڍي رهيو هو. سعيده گزدر مون کي خط لکيو تہ مان کيس امير خسرو تي نظم موڪليان. مان امير خسروءَ جو اڳيئي مداح هوس ۽ جڏهن 1963ع ۾ دليءَ ويو هوس، تڏهن رشيد ڀٽي، راج گيتا ۽ سترام سان گڏ شمعون ٻاري، خسروءَ جي مزار تي فوٽو ڪڍايو هوم، جو پوءِ ”نئين زندگي“ رسالي ۾ مرحوم مولانا عبدالواحد سنڌيءَ ڇپايو هو. موٽي اچي مون خسروءَ تي هڪ نظم ”تنهنجو نالو ڪانتي“ لکيو هو جو پوءِ ”وڄون وسڻ آئيون“ ۾ ڇپيو. مون

نهايت آسانيءَ سان ان نظم جو لڳ ڀڳ پُوربي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ اهو سبطِ حسن ڏانهن ڏياري موڪليم. هن يڪدم خط لکيو تہ هن کي اهڙا چار ٻيا نظم بہ موڪليان. هن ٻئي ڪنهن بہ اردو شاعر کي امير خسرو نمبر ۾ شريڪ ڪرڻ نہ ٿي چاهيو ڇو تہ اردو شاعر تہ امير خسروءَ تي رڳو قصيده لکي رهيا ها. مون خسرو تي چار ٻيا اردو نظم لکي هن ڏانهن موڪليا. جي هاڻي منهنجي ڪتاب "نيل ڪنٺهہ اور نيم کي پتي" ۾ شايع ٿي چڪا آهن، جو مڪتبہء دانيال وارن شايع ڪيو آهي (جن سبطِ حسن جا سڀ ڪتاب شايع ڪيا آهن.) سبط حسن فقط منهنجا اُردو نظم پاڪستاني ادب جي امير خسرو نمبر ۾ شايع ڪيا.

جمال ابڙو، فيض احمد فيض ۽ سبطِ حسن منهنجا اُهي دوست هيا، جن سان فرخي سيستانيءَ جو هيٺيون شعر ٺهڪي اچي ٿو.

خاک را چون نافِ آہو مشک زاید بے قیاس،
بیدار چون پَرِ طَوطیٰ برگ رُوید بیشمار.

(جيئن مٽيءَ کي هرڻيءَ جو دُن گهڻي ڪٿوري ڏئي ٿو،
۽ بيد جي وڻ ۾ طوطي جي پرن وانگر ڪيئي پن پيدا ٿين ٿا.)
بيد جي پن جي طوطي جي پر سان ڪيڏي نہ سهڻي تشبيهہ آهي!

مان وري زمان ومڪان جي قيد مان زنجير ڇني ٻاهر هليو ويو هوس، ماضي ۽ مستقبل ۾ گهوماتيون کائيندو رهيو هوس، پر اوچتو گاڏيون بيٺيون ۽ ياد آيو تہ وٺن ۾ مٽيءَ پهچي چڪا آهيون. ابراهيم، چانگ سان اجا گفتگو ڪري رهيو هو ۽ چئي رهيو هو تہ:

"يارهين صديءَ ۾ ڍاٽ ۾ ڪواٽن جي حڪومت هئي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ڪيرتي هيو جو مِٺيءَ کان سورنهن ميل اوپر طرف آهي. اُن طرف ڪيترائي راجپوت ڪڇ مان لڏي ٿر جي ڏاڪڻي پاڱي ۾ رهيا ها. هتي اڳي مهر قوم جي راجپوتن جي هڪ ڇوڪريءَ مهرڪماريءَ جي شادي، ڪڇ جي راجا لاکي ڦلاڻيءَ سان ٿي هئي. ڇا اهو لاکو ڦلاڻي ساڳيو هو جنهن جو شاہ لطيف ذڪر ڪيو آهي يا ان کان اڳ ۾ يا پوءِ ٻيو بہ ڪوئي لاکو ڦلاڻي پيدا ٿيو آهي؟"

ان وقت ابراهيم سنڌ جي تاريخ اسان سيني کان وڌيڪ ڄاڻندو هو.

هن بمبئيءَ جي گزيٽيئر تان چوڏهن پندرنهن جلد ٽائيپ ڪرايا, ها (تن ڏينهن ۾ فوٽو اسٽيٽ ڪاپنگ مشينون ڪونہ هونديون هيون) هن چچ نامو تاريخ طاهري, تحفة الڪرام وغيره ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي ڇپايا ۽ تہ جو هر پڙو هر پٽ, هر قوم, ٻولي, رنگ ۽ نسل هن جي دلچسپيءَ جو باعث هيا ۽ هو چانگ ڪان انهن متعلق اڪيچار سوال پڇي رهيو هو. مان جڏهن بہ وئڪيشن ۾ يا ٻئي ڪنهن موقعي تي حيدرآباد ايندو هوس تہ ڀرپائين پنهنجي ڪار ابراهيم جي تلڪ چاڙهيءَ واري فليٽ تي روڪيندو هوس. ان ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ ادبي بورڊ جي اها اهميت نہ هجي ها, جي ابراهيم ان ۾ سيڪريٽري نہ هجي ها. هر انسان ۾ ڪميون بيشيون آهن ۽ جيتوڻيڪ هاڻي ابراهيم جي مون ۾ دلچسپي گهٽجي وئي آهي, ڇو تہ منهنجي, هن جي ۽ سوڀي جي سياست ۾ دلچسپي ٻنهہ نہ رهي آهي, تڏهن بہ جي خدا لڳ ڳالهہ ڪبي, تہ ابراهيم جو نئين سنڌ جي شعور ۾ ڪافي هٿ رهيو آهي. ٻاڻ ڪان مٿي اُپري ڪنهن کي ڏسڻ ڏکي ڳالهہ آهي. ذاتي شڪوه شڪايتون دوستيءَ ۾ روڻ وجهي ٿيون ڇڏن, پر جي اها روڻ بروقت نہ روڪي وئي تہ بند ۾ وڏو شگاف ڪري وجهندي. سر ٿامس براؤن (1605ع _ 1682ع) ڪتي چيو هو:

”هر ماڻهو پنهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن آهي, جڻ هو پنهنجو جلاد پاڻ آهي.“ [1]

نہ ڄاڻان اهو منهنجي باري ۾ صحيح آهي يا ابراهيم ۽ سوڀي جي باري ۾ صحيح آهي يا تنهي جي باري ۾ صحيح آهي! الائجي هو منهنجي اها ڳالهہ ڇو نہ ٿا سمجهڻ چاهن, جنهن تي مون کي سينٽ پال سان اتفاق آهي:

”اسان هن دنيا ۾ ڪجهہ نہ آندو هو,
۽ ان جي بہ پڪ آهي تہ ڪجهہ بہ نہ ڪٽي ويندا سين.“

وَئن مان نڪري منهنجي من ڪافي چڪر ڏنا آهن, اُن ڪري سفرنامو اڳتي ٿو وڌايان. مٿيءَ مان ڏيپلي ڏانهن ويندي ويڙهي جهپ وٺ ترسياسين, جنهن جو شاه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي. مون کي مٿيءَ جي جاگرافي نہ ڏيٽي هئي, نہ وري ان جي ڏگهائي ڦاڪ ۽ ويڪرائي ڦاڪ ڏيٽي

---

1 “Yet is everyman is his greatest enemy and as it were his own execcutioner.” (Sir Thomas Brown)

آهي، اها پڙهڻي هجي تہ رائچند جو ڪتاب ”تاريخ ريگستان“ پڙهيو وڃي، جو 658 صفحن جو ڪتاب آهي ۽ جو ٽاڊ (Todd) جي " Annals of Rajistan"وانگر آهي، جو مون سال 1963ع ۾ دليءَ مان خريد ڪيو هو. جڏهن مان سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هوس، تڏهن جيڪڏهن ڪوئي بہ مون کي ياد ڏياري ها ۽ يا ان ڏس ۾ تحرڪ وٺي ها تہ مان سنڌيڪيٽ کي آماده ڪريان ها تہ رائچند کي ان ڪتاب تي پي. ايچ. ڊي جي ڊگري ڏني وڃي ها . هي ڪتاب انهن سيني سنڌي ڪتابن کان سئو ۽ وڌيڪ محنت سان لکيل آهي، جن تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پي. ايچ. ڊي جي ڊگري ڏني وئي آهي.

مان تہ هن ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات ڏيڻ ٿو چاهيان ۽ ٽر جي هڪ تصوريت پسند تصوير ڪيڻ ٿو چاهيان. مون لاءِ اها وڏي ڳالهہ نہ آهي تہ هتي ٽالپرن بہ قلعا ٺهرايا هئا، جن مان هڪ جو نالو ”فتح ڳڙهہ“ رکيو ويو هو. وِل ڊيورانٽ جي دنيا جي تمدن جي تاريخ پڙهبي يا ٽوئِن بي جي دنيا جي تاريخ پڙهبي تہ اهڙا لکين فتح ڳڙهہ ملندا، جي کنڊر ٿي چڪا آهن. جڏهن مان، بانو قدسيہ ۽ خاطر غزنوي سمر قند يا تاشقند ۾ ڪي اسلامي دؤر جا کنڊر ڏسي رهيا هئاسين. بانو قدسيہ هڪ ٿڌي ساهہ سان چيو هو:

آثار پديد است صناديدِ عجم را

(عجم جي وڏن واقعن جا آثار نظر اچن ٿا)

پر اهڙا آثار تہ سنڌ ۽ راجستان ۾ سوين آهن.

هائو مون کي اهي ماروئڙا ياد اچن ٿا. اهي مينگهواڙ[1] گرڙا، مالهي، مهيشوري، برهمڻ، بجير وغيره جن مان ڪيترن کي پنيپون ڏاڙهيون هيون.

ٽر ۾ اڇوتن ۾ مينگهواڙ سيني کان گهڻا هيا، انهن ۾ بيا اڇوت، ڪولهي ۽ ڀيل هئا. هاڻي تہ هندستان ۾ ائمبيڊڪر جا پوئلڳ اڇوت پاڻ کي مهاتما گانڌيءَ جو ڏنل نالو ’هريجن‘ بہ ڏڪارن ٿا ۽ پاڻ کي ’دَلت‘ چون ٿا. مون دَلت ادب تي هڪ مضمون لکڻ چاهيو جو هندستان جو مخصوص بغاوتي ادب آهي. مشهور اديب وي. ايس نيپال (V.S Naipal)پنهنجي تازي لکيل ڪتاب ”هندستان۔ لکين غدر“ (India A Million Mutinuies Now)

1 نوٽ: گرڙا اڇوت ذاتين جا گرو آهن.

۾ دلت ادب جي باري ۾ تفصيل سان لکيو آهي ۽ بمبئيءَ جي مشهور دلت شاعر نامديو سان اڪيون ڪوليندڙ انٽرويو ڏنو آهي. تازو روزاني"ڊان" ۾ زينو(Zeno) جو دلت ادب تي مضمون آيو آهي، جنهن ۾ چاليهن واري ڏهاڪي جي اشتراڪي شاعر انا ڀائو ساٺيءَ جو نظم ڏنو اٿائين.

"دنيا ۾ متر ڪي ڪي مٺي ڪيو
ڀيم راءِ[1] ائين چيوهو
هاٿيءَ کي گپ ۾ چو گپايو وڃي؟
پنهنجي بدن کي چنبڪو ڏيو ۽ ٻاهر اچو
مٺي ٽپو ڏيو ۽ پاڻ کي اُڀاريو
شاهوڪارن اسان کي ڦُريو آهي،
برهمڻن اسان کي پيڙا ڏني آهي،
جڻ پٿرن هيرن کي ڳڙڪايو آهي،
۽ چور سُپتياشهري تي اُڀريا آهن،
انهن ئي فيصلو ڪيو آهي ته اسان گهٽ ذات وارا اَپوتر آهيون،
انهن اسان کي هزارين سال غلام بڻائي رکيو
انهن اسان جي جيون کي پرشنائيءَ ۾ ويڙهي ڇڏيو
۽ اسان جي راهه ۾ رنڊڪون وڌيون،
هاڻي اسان کي ٻڌيءَ جي رَٿ ۾ گهٽ سفر ڪرڻ گهرجي ۽ اڳتي وڌڻ گهرجي،
جيئن اسان مليل جليل مهاراشٽرا ٺاهي سگهون
۽ ڀيم راءِ جي نالي کي امرتا ڏئي سگهون!"

"زينو" وڌيڪ لکيو آهي ته اهو هڪ مئني فيستو هو جو ائمبيڊڪر کان پوءِ اڇوتن جي ٻي نسل جو (پڊرنامو) هو جيڪو ڪافي بي ترتيبي ۽ تضاد ڏيکاري رهيو هو جيتوڻيڪ اُن جي اڳا تائين بيحد عزت ڪئي ويندي آهي، پر دلت ادب ۽ دلت پلنگ (Pathers) هڪ نئين نسل سان واسطو رکن ٿا ۽ انهن کي پنهنجا نظريا آهن. اهي نه مارڪسزم جا مخالف آهن، نه سوشلسٽ آدرش جا، پر اهي هر قسم جي ڪميونسٽ مان مايوس

[1] ڀيم راءِ: ڊاڪٽر ائمبيڊڪر جو نالو

آهن. انهن ۾ سيني کان وڌيڪ نامور نامديو ڏاسل آهي، جنهن نئين دلت شاعريءَ جو بنياد وڌو آهي. هو اناپاوَ جو ساٿي ۽ امر شيخ جهڙي مسلمان شاعر جو ادبي وارث آهي. هن اَمر شيخ جي ڌيءَ ملڪا سان شادي بہ ڪئي هُئي، پر هو اهو مسترد ٿو ڪري تہ ڪميونزم دلتن جي نجات آهي. هڪ نظم ۾ هُن چيو آهي:

”هن دنيا جي سوشلزم، هن دنيا جي ڪميونزم ۽ ان جون سڀ ڳالهيون، اسان انهن سان تجربو ڪيو آهي ۽ نتيجو اهو آهي تہ رڳو اسان جو ئي پاڇو اسان جي پيرن کي ڍڪي ٿو.“

سال 1988ع ۾ ڪشور ناهيد مون ڏانهن ماءِ نَو جو ”سارڪ ادب“ تي سالنامو موڪليو هو، جنهن ۾ رضي عابديءَ جو هڪ مضمون آهي ”تڪرايلن جو ادب“، جنهن ۾ نامديو جي مٽين نظم سان گڏ ڪجهہ ٻيا نظم بہ آهن. هڪ نظم نارائڻ سوردي جو ”ڪارل ماڪس“ تي آهي، جنهن ۾ مارڪسي نظرئي ۽ مارڪسي خطابت جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو:

”مان هڪ جلسي ۾ تقرير ڪري رهيو هوس
”...تہ هيءَ پسماندگي ڇو؟
”غريبي، ان جو بنياد ڇا آهي؟
”ان تي مارڪس سامهون آيو
” ۽ هن چيو: ”مان توکي ٻڌايان ٿو...“
”پوءِ هو ڳالهائيندو ئي رهيو
”ٻئي ڏينهن جلسي گاهہ جي دروازي تي هو منهنجي تقرير ٻڌڻ
بيهي رهيو
”....اسان ئي هن تاريخ جا هيرو آهيون
”اڄ کان پوءِ جي آتم ڪهاڻيون لکيون وينديون
انهن جا بہ....
”سڀ کان اول هن تاڙيون وڄايون — پوءِ-
”ٿهڪ ڏيندي
”منهنجي ڪنڌ تي هٿ رکيائين ۽ چيائين،
”تون ڪوئي شاعر ٿو آهين
”عجب — ڏاڍو چڱو

"مون کي بہ شاعري پسند هئي.
"گوئٽي ڏاڍو چڱو لکندو هو."

ڪي ڪي دلت نظم بغاوت سان پريل آهن ۽ ٽين دنيا جي هالو چالو شاعريءَ جهڙا آهن، جنهن ۾ ڪُروپ_ پوڄا (Cult of the Ugliness) آهي، مثال طور:

"ويدن کي اُچاريندي
"هو پنهنجيءَ چوٽيءَ کي مکڻ لائيندي
"اسڪول جو برهمڻ ماستر
"رڙ ڪري چوي ٿو منهجي پوتر ٻولي ڳالهاءِ
"رنڊيءَ جي اولاد"
"هاڻي تون ئي چئہ
" تہ مان ڪهڙي ٻولي ڳالهايان."

هڪ ٻئي ديا پوار نالي شاعر جو هيئين نظم آهي:
تو لاس اينجلز مان لکيو
"هتان جي اسٽورن، هوٽلن ۽ ڪلبن ۾،
هندستانين ۽ ڪُتن کي هڪ ئي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو.
نيگرو سياه فام اُهي سڀ مون کي ڳاريون ڏين ٿا
۽ منهنجي دل جي گهرائين ۾ هزارين وڇون ڏنگ هڻي رهيا آهن."
"مون اهو پڙهيو تہ مون کي ڏاڍو چڱو لڳو
هاڻي تو بہ انهيءَ ڳالهہ جو مزو چکيو آهي، جا اسان سهندا رهيا آهيون
هن ديس ۾ پيڙهيءَ بہ پيڙهيءَ."

پر اڄ ڪلهہ اهڙي شاعري، جا غير مارڪسي آهي، اُن جو رواج بہ گهٽيو وڃي ٿو.

اسان وٽ مينگهواڙ ڪولهي ۽ ڀيل اَڇوت آهن. ساري ٿر رائچند ۽ ولي رام ولڀ کان سواءِ ڪوئي نالي وارو غير مسلم اديب پيدا نہ ڪيو آهي.[1] تازو مون کي ولي رام ولڀ جو ايس. ايس. ساردا ۽ دليپ بوس جي ڪتاب

[1] ولي رام ولڀ، لوهاڻو آهي. (ت.ج)

جو ترجمو ”پڳوت گيتا. هڪ اپياس“ جي نالي سان مليو آهي، جنهن لاءِ اُتساهہ بقول مترجم، هن کي سوپي گيانچنداڻيءَ ۽ ابراهيم جوئي ڏنو آهي ۽ جنهن ۾ گيتا تي ڪڙي تنقيد ٿيل آهي. هونءَ تہ جي عام اڇوتن ۾ بغاوت جو ادب تہ ڪجا معمولي تعليم بہ ڪانہ آهي.

مِنيءَ کان ويڙهي جهپ ۽ ويڙهي جهپ کان ڏيپلي ڏانهن ويندي اسان کي پيل ۽ مينگهواڙ گڏيا. هينيان هڪ ڪتيءَ جي گوڏ ۽ متي تي ليڙون ليڙ پٽڪو. هنن جا پنا اگهاڙا هيا ۽ سج ۾ تامي وانگر چمڪي رهيا هئا. شايد هو سياري جي مند ۾ ڪُلهن تي ڪٿو ڪٽندا آهن. هو فطرت جو حصو ٿي لڳا ۽ ائين ٿي لڳو تہ ڪبڙ ۽ ٻير رستي تي وجي رهيا ها، جن جي اکين ۾ ٻير جي چيچڪن جيتريون چپيون هيون. مڙس هونءَ جاننا ۽ جاڪوڙي ٿي لڳا، سنها، سنرا روهيڙي جي ڪانيءَ وانگر جهالائو. انهن سان گڏجي زالون هيون، انهن کي رنگا رنگ پڙا، گج ۽ متي تي ٿلهيون رڱيل اوڍڻيون هيون. اُهي روهيڙي جي گلن وانگر ٿي لڳيون، جن ۾ بسنت رُت ۾ ڳاڙها، پيلا ۽ سونهري گلن وارا گل جهولندا آهن. سپيئي ٻانهيون پاٽل هيون. سندن پيرن ۾ چانديءَ جون ڪڙيون تيج جي چنڊ وانگر ٿي لڳيون. ڪن کي ڳچيءَ ۾ ڳنڍيون ۽ هس هيا، نڪ ۾ روچي، قلي يا نٿ ۽ ڪنن ۾ پنڙا هيا. پيلٽين ۽ مينگهواڙين پنهنجا وار جهوني مصري انداز ۾ ويڙهيا ها ۽ انهن کي اڳيان نرڙ تي روپو ويندو پيو هو. (مون اهڙا بت لنڊن جي مصر واري حصي ۾ ڏٺا ها.) هو وسڪاري کان پوءِ اُس ۾ تڙي پيون هيون. اجا تہ چنڊون پيون هيون پر پوءِ بہ هنن جو رنگ نکارجي پيو هو. ڏهريون ۽ پٽون ساوڪ ٿي وبون هيون. هنن کي ويندو ڏسي ائين ٿي لڳو جڻ ڪي سُرهيون ٻوٽيون پنڌ ۾ هيون. ڪنهن ٻڪرار پٽ تي چڙهي بئنسري ٿي وڄائي ۽ اُن کي جڻ ڪکر آڪاس ۾ دم روڪي ٻڌي رهيا ها. پانڌيئڙا ۽ پانڌيئڙيون بہ وکون ائين وڌائي رهيون هيون، جڻ بنسريءَ جو سُر انهن کي ڪنهن رسيءَ وانگر ڇڪي رهيو هو. وَسڪاري وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا قلاري ڇڏيا ها.

رستي تي هڪ ڄڃ نظر آئي. نہ ڄاڻان ڪيڏانهن وڃي رهي هئي. چاليهارو مرد، عورتون ۽ ٻار هيا. اُنن کي روپا مهرا، ڳچيءَ ۾ ٽوئنرن سان پٽيون، پيرن ۾ گهنگهرو ۽ گوڏن ۾ گوڏيا هيا. جي پرت سان پريل هيا. انهن جي پُٺيءَ تي جُهلون سوٽي هيون ۽ پاکڙا پيتلي هيا، جن تي چانديءَ جون

قلڙيون نڪتل هيون، بہ گهوڙا بہ ساث ۾ هيا. زالن ڪي، جي پڙا ۽ پوتيون پيون هيون، انهن تي جڻ سِڻ جا اچا ۽ پيلا گلڙا هيا. سڻ جون وليون جي چوڌاري پکڙيون پيون هيون، انهن سان هم ــ قافيا ۽ هم ــ رديف لڳي رهيون هيون. مون سوچيو تہ مُئي ڪان پوءِ جي خدا مون کي بهشت ۾ قيد ڪيو تہ مان ان جي دري پيجي ٿر واديءَ تي ٽپو ڏيندس.

ويڙهي جهپ وٽ پهتاسين تہ شايد اُتي ڪو پاٽيءَ جو ڪوهہ هو ۽ گڏا تا وڻ بہ هيا. چانگ ٻڌايو تہ ڪوهہ ۾ پيئڻ بلائون رهنديون آهن. جي ننڊ ۾ ماڻهوءَ جي ساهہ ۾ زهر ڦوڪي وينديون آهن ۽ ماڻهو اوچتو جاڳي پوندو تہ انڌو ٿي پوندو آهي. پيئڻ جو سچ پچ وجود آهي، مون ان باري ۾ روزاني ”ڏان“ ۾ ڪجهہ خط بہ پڙهيا آهن، پر پيئڻ جي باري ۾ پوري معلومات نہ آهي. اسان ويڙهي جهپ وٽ نانگ جي ڏوڪر ٻڌي، پر نانگ نظر نہ آيو. هونءَ تہ ٿر ۾ واسينگ، ڪپر، لنڊيون ۽ ٻيا ڪيئي نانگ آهن. مون نانگ سان مور جي ويڙهہ ڏسڻ پئي چاهي. مون کي مطلبي اسلام پسند اديب پئي ياد آيا، جي مون کي ۽ سنڌ ۾ صحتمند ادب جي حامين کي وچڙي ويا هئا، پر مون اها ويڙهہ بہ ڪٿي نہ ڏٺي.

جڏهن ڏيپلي پهتاسين تہ ننڍا ٻار پِپون ڪٽي آيا، جي اسان هنن کان ڪجهہ پئسا ڏئي ورتيون. ڏيپلي ۾ پاٽي ٽن پُرهن تي آهي. پُرهہ ۾ اٽڪل 5 فوٽ ٽين. ٿري ماڻهوءَ جو قد بہ ايترو ٽيندو آهي، مِنيءَ ۽ انهيءَ ڏيپلي واري ٻاڳي کي سامروٽي چئبو آهي، جو ٿر جو ڏاڪٽو هيناهون پاڳو آهي. پاٽيءَ جي اونهائي ڪِٿي سَت پُرهَہ، ڪٿي ڏهَہ پُرهَہ آهي.جيئن اتر ڏانهن وڃبو تيئن ڪوهہ وڌيڪ اونها ٽيندا ويندا. هاڻي جڏهن مان ماضيءَ ۾ ٿو ڏسان تہ سارو ٿر اکين اڳيان آهي. پارڪر ۾ ڏهن پندرهن پُرهن تي پاٽي هو. ويرا واهہ ۾ ڪوهہ اٽڪل 15،14پُرهَہ اونها هئا. چاچري، اسلام ڪوٽ ۽ مِنيءَ ۾ ويهارو پُرهَہ.گڏڙي ۾ سٺ پُرهَہ اونها هئا، جن کي سانيڪا تي چيائون. اهي ڪوهہ ماڻهوءَ جي من وانگر هئا، ڪن جي اونهائي ٿوري هئي تہ ڪن جي گهڻي. مون اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا آهن، جي سانيڪن وانگر اونها هوندا آهن. انهن مان ڪجهہ ڪيڻ لاءِ جڻ وڏو وَرت ۽ ٻاري ڪوس ڇڪڻو پوندو آهي. ڪي ماڻهو تہ واريءَ جي گِرڻ وانگر ٿيندا آهن، تُنهنجو پير اُن ۾ لٿو تہ ڇُٽين. پر ماڻهوءَ جي من ۾ گرڻ مون گهڻو ڪري شهرن ۾ ڏٺي آهي، ٿري ماڻهوءَ جو من

تہ گھڻو ڪري گڏانگڙي جھڙو آهي.

هي سفرنامو آهي، جاگرافيءَ تي ڪتاب نہ آهي تہ مان ڏيپلي جي حدن، ويڪر ۽ آدمشماريءَ تي لکان. هتي ”چيلهاريا ميمڻ“ گھڻا آهن. جي لاڙ کان لڏي آيا آهن. لُهاڻا، لنگها، بجير، مينگھواڙ گرڙا ۽ ڪلر بہ رهندا آهن. هڪ بجير چوڪرو حنيف، جو ڪارڊيو ويسڪيولر انسٽيٽيوٽ ۾ ملازم آهي، هن منهنجي بيماريءَ ۾ ڏاڍي خدمت ڪئي هئي، جڏهن ڪجھ سال اڳ مون کي چار ڀيرا هارٽ اٽيڪون ٿيون هيون، هو مون کي ٿر جي باري ۾ احوال ٻڌائيندو هو جڏهن مان چاق ٿيندو هوس تہ هو ويل چيئر ۾ ويهاري، ويل چيئر منهنجي ڪمري مان ٻاهر اسپتال جي وڏاوِڙي تائين آڻيندو هو. بيماريءَ جي بستري مان نڪري، ٻاهرين دنيا ڪيڏي نہ عجيب ٿي لڳي! ڪيترو نہ تن کي ٿر و تازه تي ڪري ڇڏي!

وَڏاوڙي جي هيٺان لان ۾ سائي ڇٻر آهي، جنهن تي سوين عورتون، ٻار ۽ مرد ويٺا هوندا آهن. ڇهل پهل لڳي پئي هوندي آهي. ڪي ايندا آهن، ڪي ويندا آهن. اهي گھڻو ڪري انهن اندرين مريضن (Indoor Patients) سان ملڻ ايندا آهن، جي سندن مائٽ يا واقفڪار هوندا آهن. لان ۾ ناريل جا وڻ بہ آهن، جن تان ڪويليون ڪُوڪنديون آهن. اسپتال ۾ انهيءَ بجير جي صحبت مون لاءِ غنيمت هوندي هئي، جو منهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ وشال واري ۽ آڪاس ڪٽي ايندو هو ۽ ائين لڳندو هو تہ منهنجي اکين ۾ ڏهرن جا ڏيئا ٽمڪي اُٿيا آهن. مان هن کان ٿر جي وڻن ۽ ولين جا نالا پڇندو هوس. هُو چوندو هو:

”سائين! ائين تہ کِپ، سِڻ، مُرٽ، لاٽا ۽ لاٽيون، گھامُون، گگراڻ، ٻائوري، توهر، ٻيرڙي، ڪِرڙ ڪنڊا، ڦوڳ، آڪ، ٻِهر، سرنگھو روهيڙو نِم، ڪونُيھ، ٻڙ، سِرنهن، گيدوڙي، آمڻ ٻير، سُوانجڙو وغيره. اهي ٿر جا ننڍا ۽ وڏا وڻ آهن، جن مان ڪن وڻن ۾ رڳو رنگارنگ گل ٿيندا آهن، پر اُنهن جي ڪاٺ مان بہ ڪيئي ڪم وٺندا آهن. دراصل ٿر جي ماڻهوءَ جا پير ڌرتيءَ ۾ کوڙيل، هن جا وار جھنڊولا ڪري ڇڏيو تہ هو بہ ڪنهن وڻ وانگر لڳندو. ٿر ۾ ڪڏهن ماڻهو وڻ جو وڏو ياءُ آهي تہ ڪڏهن ننڍو ياءُ آهي. وَليون جڻ هن جون ڀينر آهن. ٿر جا وڻ ٽڻ، ڦڪي ڦڪڻ، جيت جٽيا، ماڻهو ڇيٽو سڀ هڪ خاندان جا فرد آهن. جڏهن طوفان ۾ ريت اڏامندي آهي تہ سيني جي مُنهن کي چُميون ڏيندي، آهي،

جڏهن ڦڙيون وسنديون آهن تہ سيني جا چپ آسائتا هوندا آهن.“

هي منهنجي ٻولي آهي، يڳانئيءَ جي وحدت الوجود جي ٻولي آهي، ابنِ عربيءَ جي فلسفي جو سنڌي ترجمو آهي. حنيف بجير پنهنجي سوليءَ ٻوليءَ ۾ ٿي چيو:

”سائين! هر شيءِ لاءِ نالو آهي. هيءَ تهذيب ايتري قديم آهي، جو چپي چپي، چيز چيز لاءِ نالو آهي. هر لَڪ لاءِ نالو آهي، لَڪ جي هر حصي جو نالو آهي. هر ڪوهہ لاءِ نالو آهي، ڪوهہ جي ذري پرزي لاءِ نالو آهي. ننڍيا ٻوٽا بہ اڪيچار ٿين ٿا. انهن جا بہ الڳ نالا ٿيندا آهن. گِرامٽو جهرڪِلي ڪيت، ويڙَس وني، ڪَرسڻ، ڪيروَل، اُبت ڪنڊڙي، جوڳيڙو ڪُنتي، ساتوڙو جوئي، ڍاماسو هرڻ چَپڙي، سنهاڙي، سونَيل، ٻائيءَ جا ٻاتيا، هاڏو اڪراڻ لوٽي، رينگٽي، مُنڊيري، سائين چانڊوڪيءَ جا ڪرٽا جڏهن پونم رات جو مُنڊيريءَ تي پوندا آهن، تڏهن من موهي ويندا آهن.“

اِن تي مون کي اسرائيل جي تهذيب ياد آئي، جنهن جو ذڪر عبراني انجيل ۾ آهي ۽ حيرت بہ آئي تہ هن ڌرتيءَ تي پراڻي عهدنامي جهڙي صحيفي جو نزول ڇو نہ ٿيو هو! اهو بہ سمجهہ ۾ آيو تہ هر صيهونيءَ جي اُن جي پٽ پٽ سان ايتري محبت ڇو آهي ۽ جيئن انهن صحرا کي سرسبز ڌرتيءَ ۾ تبديل ڪيو آهي، ايئن اسان بہ ٿر کي گل وگلزار بڻائي سگهون ٿا. آخر ڪجهہ پنڌ تي ئي تہ راجستان ۾ ڏهہ هزار اوڏ روز واهہ جي کوٽائيءَ تي مصروف آهن، جو هو مانسرور[1] سان يا ٻي پاڻيءَ جي ذخيري سان ملائي رهيا آهن. مون اهڙو مضمون آمريڪا جي”ٽائيم“ رسالي جي پهرين صفحي تي پڙهيو هو.

هاڻي مان جڏهن هي مضمون لکي رهيو هيس، تڏهن ٿر ۾ ڪيئي ارب ٽن ڪوئلا لڌا ويا آهن. وچ ۾ اڳئين وزير جاويد جبار مون کي فون ڪري ٻڌايو هو تہ، هو ٿر کي وسائڻ لاءِ ڪيترين ڪوششن ڪري رهيو آهي ۽ ان متعلق مون کي خبرناموءِ اشتهار بہ موڪليا هيائين.

مان پنهنجي سوچ ۾ گم هيس تہ حنيف پنهنجي گفتگو جاري رکندي چيو:

”منڊيري ڏاڍي فائدي واري ٿيندي آهي.“

پوءِ هن مون کي ويجهو اچي چيو تہ:

---

1 هتي اياز جو مقصد ’سرسوتي‘ هو پر غلطيءَ سان ’مانسرور‘ ڇپجي ويو آهي. (ت.ج)

"سائين! اوهان کي اهڙي سڪل منديري ڏاڍو فائدو ڏيندي."

"ڇا کي فائدو ڏيندي؟" مون هن کان پڇيو.

"سائين، سمجهي وڃ نہ." هن چيو.

"مون تہ چيو ٿي تہ مون ايلورا ۾ ڪاجو راهوءَ جون گُفائون ڏٺيون آهن ۽ ڪام شلپا ۽ ڪام ڪلپا ڪتاب پڙهيا آهن." مون ڳالهہ لنوائيندي چيو.

"ڀلا ٻيون ڪهڙيون وليون ڏينديون آهن؟ اجا ٻيا ڪي نالا ياد اچني ٿا؟"

"ها مَلير ميندي ڏيندي آهي، جا اڃا گل ڪندي آهي ۽ گرميءَ ۾ گهوٽي ٻيئبي آهي تہ مٿاني کي فائدو ڏيندي آهي." هو ٿورو کليو ۽ چيائين:

"سائين اِهي شيون بہ تہ زندگيءَ جو حصو آهن. پر ڇا ڪجي، جيستائين ماڻهوءَ کي دل جي بيماري آهي تہ انهن شين جي ويجهو وڃڻ چڱو نہ آهي." مون کي بجير چيو.

"ڪڻڪ جي داڻي هونءَ بہ آدم کي بهشت مان ڪڍايو هو. مون کي تہ سڌو دوزخ ۾ موڪليندو." مون سوچيو.

مان بستري تي ليٽيو پيو هوس. حنيف مٽي کي زور بہ ڏئي رهيو ۽ چئي رهيو هو:

"سائين! هتي تہ ناشتي ۾ توست ۽ چاءِ، منجهند ۽ رات جو دال، ننڍي ڪونهين جو گوشت کائي بيزار ٿي پيو آهيان. چڱو جو تون ماني گهران گهرائيندو آهين. هتان جو چڪن سوپ (ڇوزي جو شوروو) بہ ۽ٖاهيات آهي. ٿر جا لُلر، مريڙا، ڪنييون، پپون، ميها، هنداٽا، گدريون، چيڙ، متيرا، ڪڏو ڪريلا، پيا ياد ايندا آهن. ڪهڙا نالا وٺي ڪهڙا نالا وٺان. ڇاپرو ٻير، سگر، ٻيرون، گهانگهيتا، گولون، ڇا ڇا نہ آهي ٿر ۾! وات ۾ پاڻي ڀرجي ٿو اچي.

موڪل ملندي آهي تہ گهر پهچندو آهيان. هتي ڪرستان نرسن جو بدن ننڍي ڳونهين جي گوشت وانگر آهي، جنهن جو ذائقو بدن ۾ ڏرڙي وجهي ڇڏيندو آهي. سائين ڪولهڻ جهڙي رن توکي روءِ زمين تي نہ ملندي. رييڙ هوندا اٿس رييڙا!

بجير مون کان عمر ۾ گهٽو ننڍو هو ۽ مون هن سان وڌيڪ گستاخ ٿيڻ نہ پئي چاهيو. دل چيو:

"اهي شيون ڏسڻ جا ٿوهہ آهن. وقت گذري ٿو وڃي. هر شيءِ کي فنا آهي. ذائقي کي عمر آهر بدلائڻ گهرجي. هر وقت ست رَچيءَ تہ هيءَ دل جي

بيماري ڏني آهي. مون پڪو پهہ ڪيو تہ هر پرهيز ڪري مان بيماريءَ تي قابو پائيندس، مون کي اجا گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي ۽ ان لاءِ زنده رهڻو آهي.“

حنيف بجير جون ڳالهيون مون کي گهٽائن ۾ اڏائي وڃون ۽ مان وڃي ڏيپلي ۾ ڦهتس. جڏهن ڪارا ڪڪر ڏسي کي ميمڻياڻيون گهرن ڏانهن تيزيءَ سان وڃي رهيون هيون. مون جيڪي ڏيپلي ۾ ميمڻياڻيون ونديون ڏٺيون، اُهي وڃينءَ وهيءَ جون هيون. هنن جا پيٽ ۽ پنيون ماسيريون ۽ بيڊوليون هيون.

اوچتو مون کي اها خوبصورت بوري ڇوڪري ٿي ياد اچي، جا منهنجي دوست جي زال هئي ۽ مان اسلام آباد ۾ آقاءِ جعفر محجوب، ڪلچرل ڪائونسلر ايران ۽ هن جي زال خانم اقبال، جا منوچهر اقبال، ايران جي آئل چيف (Oil Chief) جي قريبي رشتيدار هئي، جي گهر وينو هوس ۽ هنن ۽ ربانيءَ سان گڏ گوناگون شراب پي ۽ ڪاڏا ڪائي رهيو هوس. خانم اقبال کي ايراني شاعري ڏاڍي ياد هئي، جا هوءَ مون کي لڳاتار ٻڌائي رهي هئي. هڪ شعر تہ اجا ياد آهي، جو هن مون کي ڪافي پيتل ڏسي چيو هو. اهو شعر حسين دوُدي اصفهانيءَ جو هو:

*زمن مپرس کہ مست وخراب از چہ شدی*
*از آن بپرس کہ داد این پیالہ بردستم.*

(مون کان نہ پڇ تہ ڇا ڪان مست ۽ خراب ٿيو آهين،
انهيءَ کان پڇ، جنهن هي پيالو منهنجي هٿ تي رکيو آهي.)

۽ پوءِ وسڪيءَ جو پورو گلاس پيري، مون کي ڏنائين، جو مان بہ ساهيون ڪري پي ويس. هن جو ماتحت ثقافتي ڪانسل فرجاد، جو بہ اسان سان گڏ پي رهيو هو. تنهن ايران جي پڳل پستن جي پليٽ مون ڏانهن وڌائي، جا مون هن کان وٺي پنهنجي دوست جي زال ڏانهن وڌائي. هن جي صورت ڪُنيءَ ململ جهڙي هئي ۽ جواني هن جي انگ انگ مان ڇُلڪي رهي هئي. هڪ لبريز جام جهڙي صورت ڏسي، مُنهنجيون اکيون هن تي کُپي ويون. هن پليٽ مون کان وٺي مڙس ڏانهن وڌائي، جنهن جي مُنهن تي رنجيدگيءَ جا آثار ها ۽ جو خود بہ ڪافي پي ويو هو. بهرصورت مون کي پيئتي کان پوءِ سقراط وانگر ضابطو هوندو آهي ۽ مان پنهنجي وَهہ ۾ وهي نہ ويندو آهيان. تڏهن بہ منهنجيءَ ڪيفيت جو اندازو ڪري خانم اقبال مون تي هڪ شعر لپاٽ وانگر وهائي ڏنو:

شراب و مطرب و دلدار در مقابله بود
میان دیده و دلدار شرم فاصله بود.

(شراب، مطرب ۽ دلدار سامهون پر اکين ۽
دلدار جي وچ ۾ شرم فاصلو پيدا ڪري ڇڏيو هُيو.)

پوءِ جڏهن هوءَ مڙس سان گڏجي مون وٽ ڄامشوري آئي هئي ۽ اسان پيتو ٿي. تڏهن مون هن کي اُن شعر جي دهرائڻ لاءِ چيو هو. هِن مون کي نہ رڳو اهو شعر لکايو هو پر چيو هو تہ اهو شعر نوعي خبوشانيءَ جو هو. شعر تہ حاجي محمود 'خادم' جي ڪنهن شعر وانگر معمولي هو، پر وقت تي گليل جو ڪم ڪيو هيائين.

ان ڳالهہ کي ڪيئي سال ٿي ويا. (اها سن ڇاهتر جي ڳالهہ آهي، جڏهن مون ۾ مرزا غالب فقط ساغر ۽ مينا سامهون نہ رکندو هو ۽ نہ رڳو اکين ۾ دم، پر هٿ ۾ جنبش بہ هوندي هئي.) مان هڪ ڀيري بوري بازار ڪراچيءَ ۾ ويس تہ هوءَ اوچتو مُنهن پئي. "مارِ" مون سوچيو: "هيءَ ڇا مان ڇا ٿي وئي آهي؟" هن جي ٿولهہ ضرورت کان زياده هئي ۽ هن جي پُٽ طول ويهاٽي وانگر ٿي لڳي ۽ هن جي چهري ۾ بہ اها رعنائي نہ رهي هئي. مون ٽڏو ساهہ ڀري سوچيو تہ ڪنهن وقت هيءَ مير جي شعر وانگر هئي:

* میر ان نیم باز آنکھوں میں
سارى مستى شراب كى سى ہے

جيتوڻيڪ هن جي اکين ۾ اڃا بہ ڪجهہ ڪشش هئي، پر شراب واري مستي نہ رهي هئي. حافظ هونءَ تہ صحيح چيو آهي:

* لطیفه ایست نهانی که عشق آزو خیزد،
که نامِ آن نه لبِ لال و خطِ زنگاریست

---

* ترجمو — مير هن اڌ کليل اکين ۾
ساري مستي شراب جهڙي آهي

* ترجمو — هيءَ ڳجهي ڳالهہ آهي تہ عشق جتان اُيري ٿو
ان جاءِ جو نانءُ نہ ڳاڙها چپ آهي نہ ڪاري جت آهي.
ماڻهوءَ جي سونهن نہ اکيون آهن نہ زلف، نہ ڳل ۽ نہ تِر
هن دلداريءَ جي ڪاروبار ۾ هزارين نُڪتا آهن.

جمال شخص نہ چشم است و زلف و عارض و خال
هزارء نکتہٗ در این کاروبارِ دلداریست.

مون جڏهن هن سان ڳالهايو تہ هن جو پيارو لهجو دل ۾ پيهي ويو پر هن تي عمر جا پيرا ڏسي، مون هن کان موڪلايو. ڪيئن چئجي تہ هوءَ منزل جي ڪيترو قريب پهچي چڪي هئي! شاعر جي حساس دل لاءِ اهڙي چوٽ ٻي ڪائي نہ آهي، جو هو ڪنهن پراڻي محبوبہ جي جواني کي جُهرندو ڏسي!

مون کي بمبئيءَ جي اها رات ياد ٿي اچي، جڏهن منهنجي هڪ پراڻي شاعر دوست، پنهنجي گهر منهنجي دعوت ڪئي هئي. هن جي ڏيءَ وهيءَ کان مُڙي چڪي هئي، گهاٽي سانوري رنگ جي هئي ۽ هن جي ڳُڻن ۾ ڪڏون پئجي رهيون هيون. پر جنهن وقت هوءَ ساقي گري ڪري رهي هئي تہ هن جا نقرئي ٽهڪڙا ٽُل ٽُل مينا جيان ٿي لڳا ۽ جڏهن هن مذاق ٿي ڪيو تہ ڪمري ۾ روشني وڌي ٿي وئي. اهڙي شهد آميز شخصيت مون اڃا تائين نہ ڏٺي آهي. وقت هارائي ويو هو ۽ عمر هن کان لطافت کسي نہ سگهي هئي. دوست جي ڏيءُ هئي. ڪبتري بہ گهائل مائل ٿي وئي هئي، پر حجاب مانع هو ۽ هوءُ اُڏيءَ اک کان محفوظ هئي.

بهرصورت اها ڳالهہ مون کي ڪائيندي رهي آهي تہ سونهن تاڪُئين آهي. هن بيماريءَ دوران مان سکر ويس تہ سنڌي ادبي سنگت مون سان ڪچهري ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن تي فتاح ملڪ ۽ ڪجهہ ٻين دوستن هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ دعوت ڪئي، جتي مون کي شعر پڙهڻا پيا. (مان ڪافي وقت کان پوءِ سکر ويو هوس، پر طبيعت جي خرابيءَ سبب فقط ٻہ ڏينهن رهي سگهيو هوس.) ان ڏينهن هوٽل جي خوبصورت هال ۾ ڪلهي گس هئي. ٻہ ٽي سئو ماڻهو ڪُرسين تي ويٺا ها، جي بنا دعوت جي آيا ها يا دير سان آيا ها، سي بيٺا ها. مان هميشه وانگر فقط هڪ شاعر جو مشاعرو هوس ۽ مون ڪلاڪ ڏيڍ شعر پڙهيا. منهنجي سامهون ويهہ پنجويهہ عورتون ويٺيون هيون. رشيد ڀٽيءَ جي گهر سنڌياڻي تحريڪ جي گڏجاڻيءَ کان پوءِ اها سکر ۾ پهرين گڏجاڻي هئي، جنهن ۾ ايتريون عورتون برقعي بنا آيون هيون. مون هميشه سوچيو آهي تہ جيستائين عورتون مودوديءَ جي "پردي" تي ڪتاب کي مسترد ڪري، استنبول جي مسلم عورت واري آزادي حاصل نہ ڪنديون، تيستائين مسلم عورتن تي صديون پراڻا غلاميءَ جا زنجير رهندا.

حوا، آدم جي غلام تہ نہ هُئي. مغربي مصوريءَ ۾ انجير جي پن ڪانسواءِ هن جو ڪوئي مصور هن کي ٻيو لباس نہ ٿو ڏڪي. عورت نہ رڳو مرد جي برابر آهي، پر برابر ڪان بہ ڪجهہ وڌيڪ آهي. هن کي رڳو ماڊل گرل نہ سمجهيو وڃي، هن ۾ مرد جون سڀ صلاحيتون آهن. مون فتاح ملڪ وارن جي دعوت ۾ هڪ عورت ڏٺي، جا نہ رڳو ڪاراتجي چُڪي هئي، پر توڙجي بہ پئي هئي. مون کي شڪ پيو تہ هيءَ فلاٽي آهي، جنهن تي ڪافي سال اڳ مان گهور ويندو هوس ۽ جنهن کي رابيل جهڙا انگ هوندا ها ۽ جنهن جو ڇاتيون ڪاجو راهوءَ جي مورتين جي ياد ڏياريندڙيون هيون.

منهنجو شاعريءَ تان ارواح ٿي پلجي ويو.

هاڻي سکر مان موٽي ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ ٿو اچان، جتي حنيف بجير منهنجي ڪمري ۾ آهستي ڳائي رهيو آهي:

بوند برهہ جي بهار لڳي
درد ونديءَ جو ديس وسي پيو.

منهنجي تصور جو شيش محل تڙڪي پيو. درد ونديءَ جو ديس بہ منهنجي شاعريءَ جو حصو آهي. اهو خدا جو بهترين مظهر آهي. منهنجي شاعري اُن جي ڪڻ ڪڻ کي ستارن وانگر چمڪائڻ ٿي چاهي. مون بجير کي چيو: "تو ٿر ۾ ڪهڙا گل ڏٺا آهن؟" پوءِ دل ۾ سوچيو تہ هت مغل باغات وارا گل تہ نہ هيا، جن جي باري ۾ اردو ۽ فارسي شاعرن غزل لکيا ها ۽ انهن کي تشبيهن لاءِ استعمال ڪيو هو. اهي تہ هيا گلِ لالا، گل نرگس، گلِ شبو بيدِ مجنون، گلِ بنفشہ، گلِ انار گلِ سوسن، گل نسرين،گل سمن وغيره. ٿر ۾ تہ وڻ، ٻوٽا، وليون ۽ گاهہ هوندا آهن، جن ۾ قدرتي گل مونا ليزا جي مرڪ وانگر ڦٽي پوندا آهن.

بجير چيو:

"ڪنڊا بهار ۾ ٻوربا آهن. ڪنڊيءَ جا پن جڏهن ڪچا هوندا آهن، انهن جو رنگ پيلو ٿيندو آهي."

مون دل ۾ سوچيو :

"ڪاش! اُهي وان گوگ ڏسي ها!"

بجير ڳالهہ جاري رکي،

”ڪنڌي کي بهار جي موسم ۾ ٻور لڳندو آهي. اسان ان کي مڃر چوندا آهيون. نِم ۾ بہ اڇو ٻور ٿيندو آهي، جنهن ۾ ننڍا اڇا گُل هوندا آهن، جي واءَ تي ڇڻي پوندا آهن.“

مون کي ياد آيو تہ شڪارپور ۾ منهنجي گهر سان لڳ نِم جو وڻ هوندو هو اسان جي بہ ماڙڪوني کان بہ ٽيهارو فوٽ مٿي ويندو هو. مان ان جي ڏارن تي چڙهي ويهندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن مرزا قليچ بيگ وانگر انهن تي ويهي ڪتاب پڙهندو هوس. ان مان نِموريون ڪري ڪڏهن اسان جي آڳر ۾ ڦٽي پونديون هيون. اسان جي پاڙي ۾ ٻي وڻ هئا ۽ ٽئي نم جا هئا. اُهي جڏهن ٻور سان جهنجهجي پوندا هئا تہ انهن جي خوشبوءِ چوڌاري ڦهلجي ويندي هئي. مون 1986ع ۾ نيشنل جاگرافڪ جي پرچي ۾ ”گهاٽيءَ واس – رس“ (The Intimate sense of smell) تي 35 صفحا مضمون پڙهيو هو جو رڊيارڊ ڪپلنگ[1] (Ridyard Kipling) جي هيٺئين شعر سان شروع ڪيو ويو هو:

Smells are Surer
Than Sounds or Sights
To make Your
Heart Strings Crack

(واس، ڌُنِ ۽ وَنن کان وڌيڪ
اَڻ گُس آهن،
تنهنجي من – وينا جي تارن کي
ٽڙڪائي توڙڻ لاءِ)

ماضيءَ ۽ مستقبل کي آنءُ تارچ وسائي، وري وران ٿو ٽر ڏانهن.

ٽر ۾ جارءِ ڪبڙ ۾ مڪ ٿيندي آهي، جا اُٺ کائيندا آهن ۽ ڳاڙها، پيلا پيرون بہ ٿيندا آهن. ٻير جا پيلا گل تہ جڻ وَڻ شفق مان چُني وتندا آهن. اهي وڻ هڪ ڏينهن پوءِ اسان ننگرپارڪر ۾ جام ڏٺا هئا. جڻ فطرت هڪ ڪُنوار

[1] رڊيارڊ ڪپلنگ: (1865ع _ 1936ع) برٽش ناول نويس، ڪهاڻي ڪار ۽ شاعر. هو هندستان ۾ ڄائو هو ۽ هن جي تعليم انگلنڊ ۾ ٿي هئي. 1882ع کان 1889ع تائين هو هندستان ۾ صحافت ۾ مصروف رهيو. هن جي مضمونن ۽ نظمن جا ڪافي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ هندستانين ۽ برٽش راج جي رسم و رواج جي ء ڪاسي آهي.

وانگر نڪ ۾ ڦلڙيون پاتيون هيون. اهي اُتر ۾ بہ ٿيندا آهن. مان جڏهن سکر کان گهوٽڪيءَ يا ميرپور ماٿيلي ڪيس هلائڻ ويندو هوس تہ رستي ۾ اُنهن جا پن، پلڙا، چيچڪا مون کي ڏاڍا وڻندا ها. انهيءَ ئي احساس مون کان هينئين سِٽ لکائي هئي:

ڪنڍيءَ نہ سڱري، ٻير نہ پلڙو

چانگُون نہ چيلڙا،

مـاروا ڪـيلــڙا

مـــاروا ڪيلڙا.

منهنجي شاعري اُتر، وچولي، لاڙ ۽ ٿر، سنڌ جي سيني حسن جي عڪاس آهي، مان گهمي نہ سگهان ها، جيڪڏهن چاليهارو سالن کان مون کي هر وقت پنهنجون هڪ يا ٻہ ذاتي ڪارون نہ هجن ها. اوچتو مان سوچيان ٿو تہ مون، جنهن پنج يا ڇهہ لک ميل ڪار ۾ سفر ڪيو آهي ۽ ڪيئي ڪارون ڊنگر وانگر ڦٽي ڪري ڇڏيون آهن. اڄ هڪ پراڻي گنل ڪار وانگر گئريج جهڙي ڪمري ۾ پيو آهيان! افسوس، صد افسوس!

بجير مون کي پنهنجي پُور مان ڪيڏندي چوي ٿو:

”گل تہ روهيڙي جا. سائين! جن سان سارا ڏهر پرجي ويندا آهن. اُنهن کي ڏسي اوهان کي يقين ٿي ويندو تہ خدا عظيم ترين مصور آهي.“ مون منيءَ ۽ ڏيپلي ۾ بہ روهيڙا ڏٺا هيا ۽ مهراڻي ۽ ڇاڇري ۾ بہ ڏٺا هيا. ڇانہ ڳاڙها، پيلا ۽ سونهري گل هئا انهن وڻن ۾! جي اسلام مصوريءَ تي بندش نہ وجهي ها تہ هتي ڪيترا رينمبرانٽ، ڪيترا رونوا (Renior)،ڪيترا پال گوگين (Pall Gaugin)،ڪيترا بوتي چلي (Botti cilli)وغيره پيدا ٿين ها! (ٿهتي ٻيٽ تي جي ٽُلهن ڇپن واريون عورتون پال گوگين ۽ وان گوگ پنهنجي مصوريءَ ۾ آنديون هيون، انهن کان تہ ٿريچاٽيون هزار ڀيرا وڌيڪ خوبصورت هيون!)

ولنديزي فنڪار وير ميئر(Veer mear)جي هڪ ڳنوارڻ جي ڏول ۾ مون اهڙو قدرتي پٽو ڏنو جهڙو جهنگلي وڻ ۾ هوندو آهي. اي ڪاش! ويرميئر ٿر ۾ پيدا ٿئي ها ۽ اسان جون پونهواريون ۽ پاٽياريون مصور ڪري سگهي ها! لاتور زورج (Latour Georges)گهاٽا رنگ دل کولي استعمال

ڪيا آهن. ائين ٿو لڳي جيئن ڏيپلي ۾ ہارن کي گاري ۾ ڪيل سان لطف تي آيو!

ساري دنيا جا سارا آرٽسٽ ساريون زندگيون پوريون ڪري ڇڏيندا، تہ هو ٿر ۾ جيترا وڻ آهن، انهن ۾ جيتريون ٽاريون، پن ۽ ڏار آهن يا جيترا ٻوٽا آهن، وليون آهن، گل آهن ۽ گلن جهڙيون ناريون آهن، انهن سڀني جون تصويرون نہ ڪڍي سگهندا. ٿر ازلي نقاش جو حقيقي نقش آهي، ازلي مصور جي مصوري آهي، ازلي صنم تراش جا ناهيل سڊول جسم آهي، جي هزارين ليو ناردو ڊاونچي گڏجي پيدا ڪري نہ سگهندا آهن. ٿر ازئڊورا ڊنڪن ۽ نيورو فيف جو رقص آهي ۽ اهي لوڪ گيت آهي، جن تي خود يوناني ديوتا ڊايوني سس (Dionysus)بہ رقص ڪري ها ۽ جي شِوُ ڏسي ها تہ هو جنگ بدران امن جو رقص ڪري ها.

بجير منهنجي خيالات جي رَوَ کي ڪٽي چئي رهيو هو:

”سائين اوهان ننگر پارڪر جي اُتر ۾ ڪنتو ڏٺو؟ ڇاڇرو ڏٺو هو؟ مُهراٽو ڏٺو هو؟ ۽ جي اهي ڏٺا ها تہ اوهان ڪونيٽ جا وڻ ڏٺا، جي پري کان ڇٽيءَ وانگر لڳندا آهن. وسڪاري کان پوءِ انهن ۾ اڇيرو ڀِيلو ٻور ٿيندو آهي ۽ اهي ٻور سان ٻوڪجي ويندا آهن.“

اوچتو مون کي مصور پيٽربليوم (Peter Blume) ياد اچي ٿو. هن پنهنجي تصوير ”لالہ زار“ ۾ پنهنجن ٻوٽن ۽ گاهہ جي نوڪيلين پتين کي وڏي احتياط سان مطالعو ڪرڻ کان پوءِ بڻايو آهي. جيئن ماڻهن جا چهرا مختلف هوندا آهن، اهڙيون پن ۽ پتيون بہ جدا جدا قسمن جون هونديون آهن. ان تصوير وانگر پِٽَ جو مٿاڇرو کهڙو نہ وَر وڪڙ ۽ جهونو نظر ٿو اچي! ان جي سامهون نازڪ ۽ هوا ۾ جهومندڙ گل آهن، جي گهڙيءَ لاءِ پنهنجو بهار ڏيکارين ٿا.

پيٽربليوم جي تصوير ياد ڪري مون کي ڍاڪا، بنگلاديش جو هڪ باغ ياد اچي ٿو جو هڪ بنگاليءَ ارب پتيءَ (هن جو نالو منهنجي ڪنهن نوٽ بُڪ ۾ لکيل آهي، پر هاڻي ياد نہ ٿو اچي) نهرايو هو ۽ جتي ساري دنيا مان وڻ ڪنا ڪري هٽايا هيائين، جن ۾ هڪڙو وڻ اهڙو بہ هيو جنهن جا پن هڪجهڙا نہ هيا.

وڏا، وشال ميدان، سمندر، آڪاش مون کي ڏاڍو وڻندا آهن. شهر ۾ تہ

منهنجو هانءُ گهُٽجي رهيو آهي. ايئر ڪنڊيشنر ڏسي مون کي هانوَ- ٻوسات ٿي ٿئي. مان شهري ماڻهو نہ آهيان. ڀرواڙي منهنجي نس نس ۾ آهي. مصور پال گوگين پيدا تہ پيرس ۾ ٿيو هو پر اتان جي اونداهي آسمان ۽ پراڻي شهر جي سوڙهين گهٽين مان اهڙو تہ ڪڪ ٿي پيو هو جو بحر اوقيانوس (پوئوچ سمنڊ) جي ڏاکڻ ٻيٽن ۾ رهڻ لاءِ هليو ويو هو. ماريڪيز ٻيٽ ۾ هن نوا جي عنوان سان تصوير ٺاهي. مصور ٻيٽ جي ڊگهن وڻن، اتان جي پانت پانت گلن ۽ اُتان جي رهواسين تي موهت ٿي پيو هو جيئن آءٌ ٿر تي موهت ٿي پيو هوس. هُن پنهنجي ڪم مان هڪ دنيا ناهي هئي ۽ ان کي اهڙا رنگ بخشيا هئا، جي ماڻهن اڳي ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا.

هي تہ مصور آهن، جن کي ڪشاديون فضائون وڻنديون آهن. جن لارنس آف عريبيا جو ڪتاب "سياڻپ جا ست ٿنبا" پڙهيو آهي، انهن محسوس ڪيو هوندو تہ دشت جي پنهائيءَ، آسمان جي بيحد و حساب ڦهلاءَ، هن کي ڪيترو نہ متاثر ڪيو هو ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتو هو تہ صحرائي دنيا ئي وحدت پرست پيغمبر پيدا ڪري سگهي ٿي. اهو ضروري نہ آهي تہ صحرا پسند شاعر جي طبيعت ۾ ويراني هجي. مصور مائيڪل اينجلو (Michel Angelo) تيز ڇيڻيءَ سان سنگ مرمر کي ڇلي ٻار جو مٿو ناهيو هو جو نهايت نرم ۽ نازڪ ٿو لڳي ۽ جڻ اهو ڪڪرن ۾ ٿو نظر اچي. اهو بي بي مريم ۽ يسوع جي مجسمي جو ٽورو حصو آهي. (اها مصوريءَ سان آشنائي منهنجي عزيز دوست پروفيسر مس مسرت مرزا جي عنايت آهي، جا منهنجي ڳوٺ سکر جي آهي ۽ اڄا تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فائين آرٽس جي پروفيسرياڻي آهي ۽ جنهن سان ڏينهن جا ڏينهن مان فائن آرٽ جي باري ۾ ڳالهائيندو هوس.)

ٿر کي ياد ڪري مون کي فريڊريگو (Fredrigo)جو نقش ياد آيو جو مصور فرانچيا (Francia ) ناهيو آهي، جنهن کي مخملي لباس پيل آهي ۽ جنهن جي مُٺ ۾ تلوار جو هٿيو آهي. پس منظر ۾ بهار جا نوان گؤنچ ۽ اطالوي پهاڙين جو پس منظر هُن سان زياده نهڪي اچي ٿو. مصور اشارن ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ اُن ڇوڪري کي آسودگي انسانن جي صحبت کان وڌيڪ رڍن چارڻ ۾ ملي ٿي.

مون ان ڳالهہ تي حيرانيءَ سان سوچيو آهي تہ اسان وٽ گنڌارا ۽

ٽڪسلا وانگر صنم تراشي ڇونہ آهي؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج جناب فيروز نانا، جو پوءِ پيرس ۾ اوچتو گذاري ويو منهنجو گهرو دوست هو ۽ مون کان سواءِ ورلي ڪنهن مهمان سان گفتگو ڪندو هو. جڏهن هو سکر ۾ سيشن جج هو تہ هن هڪ ڏچ اسڪالر جي پنهنجي گهر ۾ رات جي ماني ڪئي هئي ۽ ان تي رڳو مون کي دعوت ڏني هئائين. مان هونءَ هن سان هن جي چيمبر ۾ بہ ڪچهري ڪندو هوس. (هُن کي سکر ۾ آئي رڳو بہ مهينا ٿيا هئا) مان جڏهن هن جي گهر اندر گهڙيس تہ چوڌاري ڏسي وائڙو ٿي ويس. ان ۾ ٻڌ ۽ شِوَ جا نهايت خوبصورت بُت هيا، جي سليقي سان رکيل هئا. ديوارن تي تصويرون هيون. سنڌي، فارسي، عربيءَ جا قلمي نسخا هئا ۽ اهڙيون نادر ۽ خوبصورت شيون هيون، جي سمنڊ ۾ ۽ پهاڙن تي ملنديون آهن. مون مهمان جي سامهون فيروز نانا کان اِهو پڇڻ مناسب نہ ڄاتو تہ هن اهي ڪٿان هٿ ڪيا ها، پر هن کان وڌيڪ مهذب ۽ ثقافت دوست جج مون اڃا نہ ڏٺو آهي. مون ان وقت سوچيو تہ سنڌ جا مجسما ڪٿي آهن؟ ڇا هتي صنم تراشي نہ ٿيندي هئي؟ يا اُها ڪيئي سئو سال عربن جي حڪومت ۾ نيست ونابود ڪئي وئي هئي ۽ ڇاڪاڻ جو سنڌ کي هند کان هاڪڙو ندي جدا ڪندي هئي، ان ڪري هند کي تلف تاراجيءَ جو پتو نہ هيو؟

مون جيڪي بہ مندرن ۾ بُت تراشيءَ جا نمونا ڏٺا ها، اُنهن ۾ ايتري بد ذوقي هئي، جو مون کي ڪنهن بہ مذهب سان نفرت جي عدم موجودگيءَ جي باوجود انهن بتن کان ڪراهت اچي وئي هئي. ساڌ ٻيلي ۾ جي سنگ مرمر جا بُت ها، اهي ڏسي بہ فني حِس کي ضرب ٿي آئي. صنم تراشن سنگ مرمر مان ڪهڙا نہ شهپارا پيدا ڪيا ها! جڏهن مان گلف آف فنلئنڊ جي ڪناري پيٽراعظم جو باغ ڏسڻ ويو هوس، تڏهن خاص ڪري آدم ۽ حوا جا بُت پورو ڪلاڪ ڏسندو رهيو هوس ۽ سوچي رهيو هوس تہ هوءَ انجير جي پن سان جو ڪجهہ ڍڪي رهي آهي، ڇا انهيءَ پِتڪڙيءَ شيءِ ساري انسان ذات جي تخليق ڪئي آهي. سنڌ ۾ مصوري بہ ڪانہ آهي، جيتوڻيڪ پنجاب ۾ لاهور فورٽ ۽ لاهور ميوزيم ۾ مون ڪيئي راجستاني تصويرون ڏٺيون هيون، جي مغليہ دور جون تخليق ٿيل هيون. سنڌ راجستان جي لڳ آهي ۽ راجستان کي الڳ اسڪول آف آرٽ آهي، جنهن جون ڪيئي تصويرون مون بمبئيءَ جي ميوزيم ۾ ڏٺيون هيون. مون اُتان راجستاني آرٽ

تي بہ ڪجھ ڪتاب ورتا هيا. پر جڏهن گيتا اهي مون کي پوسٽ ذريعي موڪليا هيا، تڏهن مون تائين پهچي نہ سگهيا هيا. رڳو هڪ پيري مان رباني، غالباً تنوير يا جويو ۽ رشيد پٽي نئن گاج تي وڃي رهيا هياسين تہ رستي تي اسان کي ڪنهن قبرستان ۾ اونچا گنبذ نظر آيا ها ۽ جڏهن اسان اندر ويا هياسين، تڏهن انهن گنبذن ۾ ديوارن تي راجستاني آرٽ جون تصويرون ڏٺيون هيون سين، جي وقت ڪجھ زبون ڪري ڇڏيون هيون. سنڌ ۾ ٻيا فنِ لطيف ڪنهن نہ ڪنهن ريت نهوڙيا ويا آهن. فقط شاعريءَ ئي بچي وئي آهي، جو اُن جي بچاءَ ۾ لطيف ۽ مون بي جگريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ ايترو طوفان ڪڙو ڪيو جو مخالف ان جي دَز ۾ دٻجي ويا.

اسپتال ۾ حنيف بجير مُنهنجن پيرن کي زور ڏيئي رهيو هو. اوچتو مون هن کي چيو:

”بجير! تون ڳالھ جاري رک. ٻيا تو کهڙا گل ڏنا؟ جيڪي تو ٻُڌايا اِهي تہ منهنجا اڳ ئي ڏٺل ها.“

موتَ اسان جي قطع ڪلامي نہ ڪئي ۽ مون ڏٺو تہ ڪنهن ڏيوالي وانگر پٺي ڏئي موٽي ويو جڻ سمجهيائين تہ هن آساميءَ مان ڪجھ وصول ٿيڻ وارو نہ آهي.

”بجير! مون ٿر ۾ ڏٺو تہ وڻ آسمان کي چميون ڏئي رهيا ها ۽ هر چُمي هڪ گل ۾ ٽڙي پٽي هئي. مون کي ٻين گلن جا نالا ٻڌاءِ بجير! ٿر ۾ هر شيءِ لاءِ نانءُ آهي، هر پٽ لاءِ نانءُ آهي، هر واريءَ جي لڪ لاءِ نانءُ آهي، هر کوھ لاءِ ۽ اُن ۾ استعمال ٿيندڙ هر شيءِ لاءِ نانءُ آهي. پکي پسون، نانگ بلائون، جيت جڻيا، هر شيءِ کي نانءُ آهي. توکي شايد معلوم نہ آهي تہ نانءُ اُن شيءِ کي ڏبو آهي، جنهن جو وجود تسليم ڪبو آهي. پر گُل منهنجي ڪمزوري آهن. اهي مون کي منهنجي محبوبائن جي ڳلن ۽ چپن وانگر لڳندا آهن. دراصل اُنهن جي انگ انگ کي ڪنهن گل سان تشبيھ ڏئي سگهبي آهي. مان معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ڇا مون ڪنهن اهڙي گل جي باري ۾ لکيو آهي ڇا، جو مون نہ ڏٺو آهي. آخر مان غالب ۽ اقبال تہ نہ آهيان، جن جي الفاظ جو ذخيرو رڳو مطالعي تائين محدود هو.“

بجير چيو:

”سائين! مون اوهان کي روهيڙي ۽ ڪونيٽ جي باري ۾ تہ اڳ ئي ٻڌايو

آهي، اوهان ولايتي ٻير تہ ڏٺي هوندي؟ ان ۾ ٻارنهن مهينا ٽي ٻور لڳندو آهي، اِها سائي رنگ جون ڦريون ڪندي آهي، جي پڇنديون آهن تہ پيليون ٿي وينديون آهن.“

مون کي ياد آيو تہ جڏهن اسان ون- يونٽ ڊاهي رهيا هئاسين تہ حفيظ قريشيءَ پنهنجي تقرير ۾ منهنجو شعر پڙهيو هو:

مون مرڪي پنهنجو پاند ڏنو
رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي.

۽ هن چيو هو تہ:

”شاعر جو مشاهدو ڪيترو نہ تيز آهي، جڏهن بهار آيندو آهي تہ ٻهريون وڻ جو ڦٽندو آهي، اهو ٻير جو هوندو آهي.“

پر مٿيون شعر تہ مون سنڌي ٻير جي باري ۾ لکيو هو. حفيظ قريشي پنهنجين ارڏين ۽ اڙٻنگين ڳالهين جي باوجود هڪ نهايت پيارو ۽ منفرد ذهانت وارو محبِ وطن آهي، جنهن جي تقرير ۾ بي انتها رواني، تسلسل، منطق، دور رس نگاهہ ۽ سنڌ ڌرتيءَ سان بيحد محبت هوندي آهي. هو اصل خاڪسار هو ۽ مان ڀانيان ٿو تہ اڃا جمال ابڙي جو دوست آهي. دراصل ون يونٽ واري دؤر ۾ حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو سنڌ جا بهترين مقرر هوندا هئا. جيتوڻيڪ پوءِ ٻنهي جا دڳ الڳ الڳ ٿي ويا. قريشي ۽ پليجي جي مشترڪ نفرت جي اظهار جو مرڪز هوندا هئا، ڪي ڪارڙا، ڊينبڙا، ڪلوا اشتراڪي، اهو اظهار ميراجيءَ جي هڪ نظم ۾ ”ڪل موا، ڪالا ڪلوٽا، ڪاجل“ ڪان مختلف مخلوق جي باري ۾ هيو جنهن کي پنجابي نفرت وچان ٽليرَ چوندا آهن ۽ جن جي اهميت کي ابراهيم جويو هاڻي ٿو محسوس ڪري،ڪيتري نہ دير ٿي وئي آهي هُن کي!

”ها بجير، مون ولايتي ٻيريون پارڪر ۾ ڏٺيون هيون.“مون حنيف کي جواب ڏنو.

”نہ نہ، اُهي مٺيءَ ۽ ڇاڇري ۾ ٻين ڪيترن هنڌن تي بہ هيون. بجير! مون کي سرنگهوءَ جي وڻ ۾ ٽارين جي ڇيڙي تي سايون مڪڙيون بہ ڏاڍيون وڻيون هيون، انهن ۾ توتارن جهڙا اڇا گل هُيا. اهي اڇا گل جڻ صدين جي امن جا توتارا هيا.“

”تر ٿوهر، گهر جهوپڙا...“ بجير پٽائيءَ جي اڌ سٽ پڙهي. مون کيس چيو تہ:

” ڄامشوري جي وي. سي هائوس ۾ مون بہ ٿوهر جا وڻ پوکايا ها، رڳو تر جي يادگيري محفوظ رکڻ لاءِ. ها ليسوڙي جو وڻ اتي اڳيئي هو.“

مون کي ان وقت ٻائوريءَ جون پيليون گلڙيون ياد آيون، جي وٽن چڻ لهندي سج کان ڪسي ورتيون هيون! پوءِ تہ حنيف بجير گهانگهيٽين، موراٽين، ٻوهہ، ڪِپ، سِڻ جو ذڪر ڪيو جنهن ۾ اڇا گلڙا ٿيندا آهن. اڇا دل نہ ڏاپي. مون سوچيو سارو تر غاليچي وانگر ويڙهي اسپتال ۾ ڪٽي اڇان ۽ اتي پٿاري ڇڏيان. پُرت، مُرت، پٽ ڪنوار ۽ ٻيا سارا ٻوٽا اڪيڙي اڇان ۽ ڪمري ۾ پوکيان. قدرت جو ايترو گهيراءُ ڏسي موت پڇي ويندو.

مان اسپتال کي پري هٽائي، وري چوان ٿو:

*ذرا عمرِ رفتہ کو آواز دينا.*

۽ وري ڏيپلي موٽي ٿو اچان. مون کان هڪ ڳالهہ شايد وسري وئي آهي.

جڏهن پهريون ڀيرو اسان ميرپورخاص کان مٺي تي آياسين، تہ ڪوئي آواز ڪويل جي ڪوڪ وانگر آسمان کي چيري رهيو هو. اسان ڏٺو تہ ڪجهہ ڀيل ليڏاڻ (ڳُڏ) ڪيڏي رهيا ها ۽ ”همرچو“ بہ ڳائي رهيا ها. مون ”همرچو ڙي“ لوڪ گيت لکي، ان کي پنهنجي ترتيب تہ ڏني آهي، پر لوڪ گيت لکڻ لاءِ نہ آهي، ڳائڻ لاءِ آهي. جيتوڻيڪ بيدل مسرور ۽ هن جي مردن ۽ زالن جي ٽوليءَ مون وارو لکيل ”همرچو“ ڪراچي پريس ڪلب ۾ نهايت سُريلي لهجي ۾ ڳاتو هو پر ٿري همرچي جا لفظ دل مان چيرجي ٿا نڪرن، انهن کي تراش خراش نہ آهي، قافيا نہ آهن، بحر وزن نہ آهي. جيئن ڌرتيءَ مان گل ازخود ڦٽي پوندا آهن، اهي ٻول دل مان ڦٽي ٿا پون. اسان جيپون روڪي انهن ڀيلن سان ڪچهري ڪئي هئي. گيت انهن جي دل ۾اِئين ٿي آيا جيئن سانوڻ جا بادل آگم ڪري ٿي اُيريا. هو ڳائي رهيا ها:

همرچو روڪيو ميڙيو لا،
(ڳڏجي اچڻ جو هي ميڙ آلا)
الا همرچوڙي لا.
ڏورُ رهيو اسان جو ڏيسڙو لا

(منهنجو ديس پري رهيو)
الا همرچو ڙي لا.
ڏيسرو آ ڏيسيڙو لا
(ديس ڪان ڪو ديس پائي ايندو)
الا همرچو ڙي لا.
آسي ڪڏهان اوهان اونيڙو لا
(ايندؤ ڪڏهن اتان اونيڙو)
الا همرچو ڙي لا.
ڪاسي ڪبر لاسي ڪاهوڙي لا
(ڪاهڙ جي خاصي خبر آڻيندو)
الا همرچو ڙي لا.
لاسي مانيپڙان راسنيهڙا هو لا
(سانگين جا ڪي سنيها آڻيندو)
الا همرچو ڙي لا.
آڏيءَ اُتي اونان ڳران ڙي لا
(آڏيءَ جو اتي ورلاپ تي ڪيان)
الا همرچو ڙي لا.
هُون اِتَ هيڪلڙي تي ڦِران لا
(آءٌ هَت هيڪلي تي گهمان)
الا همرچو ڙي لا.
آسي مان جو جانيڙو ڙي لا
(شال منهنجو جاني ايندو)
الا همرچو ڙي لا.

اَلائي ڪيترين صدين جي پيڙا هئي ان لوڪ گِيت ۾! الائي ڪيترن ماڻهن ٻول وڏايا ها اُن لوڪ گيت ۾! لوڪ گيت جا ٻول ڪو هڪ ڪلاڪار جا نہ هوندا آهن. ان ۾ سوَن ماڻهن جي صدين جو پورهيو هوندو آهي! سيئي هَر _ هاري گڏجي چوِن پيا:

”همرچو ڙي لا“ پوءِ ٽولي جي مُک پئي چيو:

ڪٿي نہ پڄبو ٿَڪُ مسافر
آئي موسم مِينهان ري لا....
۽ ٻين وراڻي ٿي ڏني:
”همر چو ڙي لا“

لوڪ گيت نڙين مان ائين ئي ڦٽي نڪرندو آهي، جيئن ڌرتيءَ مان ٻاجهر ڦُٽي نڪرندي آهي، جنهن جي سنگن ڪي ٻليءَ جي نرم ۽ نازڪ ٻجِ هوندي آهي.

انهن هارين کان تر جي ٻين لوڪ گيتن لاءِ پڇيو تہ وراڻيائون:

”زالون ڪوئل ڳائيندون آهن، جڏهن ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائينديون آهن. هر موقعي مهل لاءِ ڪوئي لوڪ گيت آهي. مڱڻي پرڻي لاءِ، ونواهہ ۾ ويهارڻ لاءِ، ڄاڃي ماڃيءَ لاءِ، لانئون لهڻ لاءِ لوڪ گيت آهن. لاڏيلي ۾ زيورن جو ذڪر آهي، مور- ڪتورو تڏهن ڳائبو آهي جڏهن گهوٽ اُٺ يا گهوڙي تي چڙهندو آهي. ڦوناڻي ۾ من موهڻيءَ ڪنوار سان ڇيڙڇاڙ آهي.“

ٻين گيتن جو ذڪر پوءِ سيٺ نهال چند، اسلام ڪوٽ ۾ ڪيو هو جو پوءِ لکندس. في الحال ”همرچو ڙي لا“ لوڪ گيت ياد ڪري مون کي اسلام آباد جي اُها شام ياد اچي رهي هئي، جڏهن مان وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي ريسٽ هائوس ۾ رهيل هوس. صبح سامهون پهاڙن تي پهچي چڪو هو ۽ مان ريسٽ هائوس ٻاهران وڏي پڌر ۾ ٽهلي رهيو هوس، جو خود پهاڙيءَ تي ٺهيل هو. مون سان هڪ پنجابي چوڪيدار گڏ ٽهلي رهيو هو. ہ تي ڏينهن اڳ ڀُٽي صاحب کي ڦاسي اچي چڪي هئي ۽ هو ڳوڙها اُگهي مون کان پڇي رهيو هو:

”سر (Sir) هي ڇا ٿي ويو؟“

مون هن کي چيو تہ:

”موت ڪڏهن ڪيئن ٿو اچي، ڪڏهن ڪيئن ٿو اچي. ان جا ڪيئي بهانا آهن ۽ قدرت اهو انسان جي ڄمر کان اول طئي ڪري ڇڏيو آهي.“

ايتري ۾ ڪجهہ پنڌ تان مڪئي جي کيتن مان ڏاڍو مٺو آواز آيو. اهو ٻڌي مون کي چوڪيدار چيو:

”پختون ڪسان ٻنيءَ ۾ ٽپا ڳائي رهيا آهن.“

”ٽپا“ هڪ پشتو لوڪ گيت جو فارم آهي. چوڪيدار جو پشتو

جاٽندو هو تنهن مون کي اهي ڪجھہ ٽپا ترجمو ڪري ٻڌايا. (انهن ۾ بحر وزن ۽ قافئي جي پابندي نہ هئي ۽ پهرين سِٽ ٻيءَ سٽ جي اڌ جيتري هئي) اهي ٽپا هيا:

1ـ آزاديءَ جا ٻہ ڏينهن بہ ڪافي آهن
غلاميءَ جا هزار سال بہ مون کي قبول نہ آهن.

2ـ جڏهن ڪوئي شخص ڪنهن جي فرياد نہ ٿو ٻڌي
تڏهن دل ۾ اچي ٿو تہ ان جا ڪن ڪٽي وٺان.

3ـ اي آزاديءَ جا موت، مان توتي خوش آهيان،
غلاميءَ جي زندگي وڏي هجي، تڏهن بہ ان تي لعنت آهي.

4ـ آزاديءَ جي معشوقہ چوي ٿي تہ
مان غلام يار کي چُمي نہ ڏينديس.

5ـ اي الله مون کي سؤ پيرا زندگي ڏي تہ
مان ان کي وطن تي قربان ڪريان!

6ـ منهنجي محبوب، وطن جي راهہ ۾ سر ڏنو آهي،
مان پنهنجن زلفن سان هن جو ڪفن سبنديس.

ٻيا بہ ڪجھہ ٽپا هيا، جي مون نوٽ بہ ڪيا. اهو آواز ڪيڏو نہ اُن آواز سان ملي رهيو هو جو ٽر ۾ مون گُڏ ڪيڻ وقت، پيل هارين کي ڪندي ٻڌو هو. مون چپراسيءَ کان پڇيو:

"ڇا هن کي بہ ڀُٽي جي قاسيءَ جي خبر آهي؟" چپراسيءَ جواب ڏنو:

"سر! اِها خبر تہ پاڪستان جي ٻچي ٻچي کي آهي."

مان موت جي فلسفي تي سوچي رهيو هوس. هڪ ٻوڏي ڪتاب ۾ آهي تہ:

"اسان موت کان ڪهڙيءَ طرح محفوظ رهي ٿا سگهون، جڏهن چارئي پهر هُو هڪ قاتل وانگر اسان جي خلاف تلوار ڪڍي ٿو ڦري"

مان ڀانيان ٿو تہ اهو نظريو گنڌارا تهذيب ۾ جذب ٿي چڪو آهي. اهوئي سبب آهي، جو ايتري بي تحاشا پيسي ۽ هٿيارن جي باوجود روس افغانستان ۾ شڪست کائي ويو.

مون کي هيٺيون ٽپو پڙهي، خليفي نبي بخش جو بيت ياد آيو جو هوبهو ائين هو:

"آواز آيو تہ منهنجي محبوب کي چارپائيءَ تي آڻي رهيا آهن. منهنجي دل ويهڻ لڳي. متان ائين هجي تہ منهنجي محبوب کي پُٺ ۾ زخم هجي!"

شايد اِهو ٽپو ڪرڙيءَ جي ميدانِ جنگ مان شڪست کان پوءِ، شاه شجاع جي ڪنهن پناڻ سپاهيءَ ڳاتو هو.

بهرصورت منهنجو مطلب اهو آهي تہ لوڪ گيت کي ازلي ۽ ابدي ڪيفيت آهي. ان کي شاعريءَ جا ساز وسامان نہ آهن، پر اثر آهي، جو ڏاهر جي ٺنگر تيرَ کي هو جنهن زنگي سپاهيءَ جي گردن اڏائي ڇڏي هئي، جيڪو "چچ نامي" موجب ارادو ڪري آيو هو تہ هن کي اڄ ڏاهر جو سِرُ لاهڻو آهي.

افلاطون جي ڪتاب "ريپبلڪ" ۾ ڪردار ڏيکاريل آهن، جي پردي پٺيان ڏسن ٿا، جيڪي ٻاهران وهي واپري پيو. ماضيءَ ۾ جهاتي بہ ڪجهہ ائين پسائي ٿي، حقيقي، غير حقيقي ۽ غير حقيقي حقيقي لڳي ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مون ازل ۾ اوک ڏوک ڪانسواءِ ڪڏهن بہ وقت نہ گهاريو آهي ۽ نہ وقت کي ويريءَ وانگر ماريو آهي. عيش توڙي طيش ۾ مون کي اها چوراڪورا لڳل هوندي آهي، تہ مان ڪير آهيان، مان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ منهنجي منزل ڪٿي آهي؟ جڏهن بہ رَهوار سست رفتاري ڏيکاري آهي، تڏهن مان اُن کي آڙيءَ تي آڙي هٽي، آسمان ۾ سج ۽ چنڊ سان شرط پچائيندو رهيو آهيان. مان جگر مراد آباديءَ وانگر پاڻ سان رَمي ڪيڏِي وقت گذاري نہ سگهندو آهيان ۽ نہ ميراجيءَ وانگر هٿ ۾ لوهي گولا رکي يا فيض وانگر پيالا پري ۽ خالي ڪري سارو وقت ڪاٽي سگهندو آهيان. مون لاءِ شاعريءَ ڪانسواءِ ٻي ڪائي تفريح نہ آهي ۽ مطالعي ڪانسواءِ ڪائي مصروفيت نہ آهي. پوءِ اُهو انساني دنيا جو مطالعو هجي يا ڪتابي دنيا جو.

غالب ۽ فيض سئميوئل بٽلر[1] جي قول جا انمول مثال ها، جنهن چيو هو تہ:

"To do a great work, a man must be very idle as will as very industious."

---

[1] سئميوئل بٽلر (1835ع کان 1903 تائين): انگريز نثر نويس.

ترجمو: (ماڻهوءَ کي ڪوئي بہ عظيم ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ نهايت ڪاهل ۽ نهايت محنتي ٿيڻ ضروري آهي.)

مان تہ پڻائيءَ جي "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي" جو مثال آهيان. جڏهن رات جا ٻارنهن وڄندا آهن تڏهن گهڙيال جي سُئي مون کي ٻئي هَٿ ٻَڌي وينتي ڪندي آهي تہ "لڪندو رهہ! متان سمهين پئين ۽ وري نہ اُٿين." مون سفر ۽ حضر ۾ ڪڏهن نہ وساريو آهي تہ هيءَ زندگي هڪ اَکٽ مطالعو ۽ مشاهدو آهي. منهنجي اکين جي جهول ڪڏهن بہ نہ ڀري آهي ۽ مون سدائين هن ڪائنات کي هڪ لالچي بکاريءَ وانگر ڏٺو آهي. پيريءَ ۾ مان پنهنجا ادبي ڪشڪول ائين ڏسي رهيو آهيان، جيئن محمود غزنويءَ موت کان اڳ فرمائش ڪئي هئي تہ اُهي هيرا منهنجي اکين اڳيان آڻي رکو جي مان سومنات جي بُتن جي اکين مان ڪڍي آيو هيس ۽ ٻيءَ ڦُرلٽ ۾ هٿ هيم. هن جي فرمائش پوري ڪئي وئي هئي. ٻئي ڏينهن تائين اهي هيرا ٽڪيندو رهيو هو جيستائين هن جون اکيون اُجهامي ويون هيون. ڪوهنور ساڳيو آهي، تاج ۽ تاجدار بدلجي ويا آهن ۽ اُن جي چمڪ هنن جي انت تي مُرڪندي رهي آهي. منهنجي ساري زندگي، البيرونيءَ واري هڻ هٽان ۽ ڏوڪ ڏوڪان ۾ گذري آهي. ٻاهريون سفر ايترو گهٽو نہ آهي، جيترو اندريون سفر آهي ۽ پڻائيءَ وانگر "پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روحَ رهاڻ" منهنجو مرغوب مشغلو رهيو آهي. هاڻي تہ اهو ويتر وڌي ويو آهي جڏهن مان سياست کان ڪناره ڪش ٿي، پہنجو ڪشڪول اونڌو ڪري، پنهنجي ميڙي چونڊي ڏسي رهيو آهيان ۽ حافظ وانگر محسوس ڪيو اٿم تہ:

رموز مملکت را شہان دانند
گدائی کوچہ نشینی تو حافظا مخروش

(سلطنت جي رمزن کي بادشاهہ ڄاڻندا آهن
اي حافظ! تون تہ هڪ ڪوچہ نشين فقير آهين، تون رڙيون گهٽ ڪر.)

ڪنهن چيو هو تہ "ليودر (Iuther) بہ وڏا ڏوهہ ڪيا ها: هڪ هن پوپ (Pope) جي تاج تي وارُ ڪيو هو ۽ ٻيو پادرين جي ڍِڍَ تي!"

هڏي مٿان هوڏ، ڪڏهانڪر ڪُتن جي،
هڏي ساڳي لوڏَ، چوپيندڙ چلي ويا.

اهو بيت اسان کي هڪ عام ترڃيءَ ٻڌايو هو. جڏهن اسان مٿي ذڪر ڪيل هَمرچو وارو گيت ٻڌي، ڳاڏين ڏانهن موٽيا هياسين. جي هڪ چاڱ جي پڙيءَ پرسان بيهاريون هيون سين. شايد اِهو شعر اسان کي انهيءَ هوٽل جي پڙيءَ واري ٻڌايو هو. دل ۾ اچي ٿو تہ هر سياستدان ۽ مال، دولت ۽ اقتدار جي هوس رکڻ واري جو در ڪڙڪائي، ڪيس ننڍ مان اُٿاري اِهو شعر ٻڌايان ۽ جي هو سنڌي ٻولي نہ سمجهي تہ ڪيس اردوءَ يا پنجابيءَ يا انگريزيءَ ۾ ان جو ترجمو ٻُڌايان. ان ڪان وڌيڪ ڏاهپ وارو شعر مون هن مهل تائين ڪنهن بہ ديس جي ادب ۾ نہ پڙهيو آهي. ڪوئي پتو نہ آهي تہ اُن جو خالق ڪير هو! ڪوئي ڪائنات جي خالق وانگر اُن کي خلقي ڇُپي ويو هو. دراصل عقل جي ميراث دنيا کي آڇي، پاڻ آلوپ ٿي وڃڻ جهڙي عقلمندي ڪائي نہ آهي.

غلام رباني ويجهڙائيءَ ۾ مون وٽ آيو هو ۽ ڳالهہ شاعر جي نانوَ ناموس جي ٿي رهي هئي. مون هن کي چيو تہ: ”منهنجي موت ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪوئي ستم ظريف منهنجي لحد تان سنگ لِحد لاهي ٻئي ڪنهن جي لحد تي هڻي اچي تہ منهنجي پونجي تہ اِئين وئي، جيئن سَتي ۾ سنوڙيءَ جي هارائجي ويندي آهي.“

وليم شيڪسپيئر پنهنجي ڊرامي ”بادشاهہ هينري اٺون“ ۾ پنهنجي ڪردار وولزيءَ (Wolsey) ڪان چورايو آهي:

”الوداع! ڊگهي الوداع!! پنهنجي ساريءَ عظمت کي.“

هي تہ ٿيو شاعر جو موت، جنهن جي شاعري رهجي ٿي وڃي، جيتوڻيڪ ان جي ثابتي نہ ٿي رهي تہ ڪهڙي ڏُن هن جي ڪهڙي هڏي جي شهنائيءَ جي تخليق آهي. پر سياستدانن جي تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي. ٿامس ڪارلايل ڪهڙو نہ ڪنهن سياستدان جي قبر تي چيو هو: ”هن مقرر جي زندگيءَ ڪان وڌيڪ خوفائتي شيءِ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جو هاڻي سچ بہ چئي نہ ٿو سگهي.“

ان ڪري مون کي اهو ڏاهو چاڱ جي پڙيءَ وارو ياد ڪندي ”حافظ“ جو شعر ٿو ياد اچي تہ:

خاکساران جہاں را بہ حقارت نہ نگر
توچہ دانی کہ دراین خاک سواری باشد

(جهان جي خاڪسارن کي حقارت سان نہ ڏس!

توکي ڪھڙي خبر تہ ھن دز ۾ ڪوئي سوار ايندو ھجي!)

سئربين ۾ وري منظر ڦري ٿو. اسان ڏيپلي ۾ ڀھراڙيءَ جون ٻايون ڏسي، انھن جي عاج جا ڪنج ۽ چانديءَ جا پنڙا. مٿي تي ٽِڪن لڳل سينھون ۽ انھن تي پاٽيءَ جا دلا ڏسي ۽ ڪِن ڪِن جي پيشانيءَ تي سوني اَلِي، ڪنن ۾ ڦليون ۽ نڪ ۾ بولو ڏسي، رستي تي گوسِيءَ جو منو ھڙڪاري جو آلاپ ٻڌي، ڏيپلي کان ڇهن ميلن تي سارڻ ڍنڍ تي آياسين. جا جڻ سنڌ جي تاريخ وانگر ڪاري ھئي، جنھن ۾ ميڻاج ڳوليو نٿو لڀي، توڙي اسان سنڌين سنڌ تي ست سئو سال حڪومت ڪئي آھي. توھان ئي ٻڌايو تہ ڪلھوڙا، سما، سومرا، گھٽيون صديون ھيا؟ ممڪن آھي تہ منھنجي حساب ۾ ٿوري غلطي ھجي! سارڻ ڍنڍ مان قدرتي لوڻ پيدا ٿئي ٿو. اُتي سالٽ ڪاتي وارن جي آفيس بہ ھئي. ممڪن آھي تہ اھو مون ڪتي پڙھيو آھي ۽ اھڙي آفيس ان وقت موجود ڪانہ ھئي! لوڻ جي ڍنڍ ڪي سَن بہ چوندا آھن. ٿر جي ٿن تعلقن ۾ (ڇاڇري ڪانسواءِ) اھڙيون ڍنڍون آھن ۽ انھن ۾ اَڻ ميو لوڻ آھي، پر اسان جي صدين ۾ جيتري نمڪ حرامي، سُتاسوں ۽ ٽِڪاڻ آھي، اوتري اِن ساري لوڻ ۾ نہ آھي. ھاڻي تہ اربين ٽن ڪوئلو لڌو ويو آھي. پانيان ٿو تہ اُن جي واپار مان ھٿ اڇا رھجي ويندا. سنڌ ۾ ايترو پيٽرول نڪتو آھي، پر اسان کي ڪيترو مليو آھي؟ اِن توانائيءَ جي ذريعي مان ڪيتري توقع رکي سگھجي ٿي؟ دنيا ۾ نيت سان ونڊ وِراھہ جي اصول کان بھتر ڪو اصول ڪونہ آھي، پر ھَوَس رانِي ھر مُلڪ راني جو اٿوٽ انگ آھي. جي ائين نہ ھجي ھا تہ يو. ايس. ايس. آر رومن سامراج وانگر ختم نہ ٿي وڃي ھا.

ڏيپلي ۾ رھي مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ تي نہ لکڻ مان گناھہ برابر ٿو سمجھان. پر مون اڳيئي ڏيپلائيءَ صاحب تي مضمون لکيو آھي، جو منھنجي ھڪ ڪتاب ۾ ڇپيل آھي.

اسان ان ڏينھن ڦري مٺيءَ آياسين، پر مِٺيءَ ۾ ترسياسون ڪونہ. مان ۽ جمال جڏھن ھن ڪتاب لاءِ يادگيريون پئي گڏيون ڪيون، تڏھن اسان کان اھو نوٽ وٺڻ وسري ويو تہ ميرپورخاص ۾ اچي، پھرين رات اسان مِٺيءَ ۾ ڪنھن مختيارڪار جا مھمان ٿيا ھياسين ۽ ٻئي ڏينھن ڏيپلي ويا ھياسين. اردوءَ جو مشھور شعر آھي:

غزل اس نے چھیڑی مجھے ساز دینا
ذرا عمر رفتہ کو آواز دینا

پر 'عمر رفته' ڪنهن ڪنهن وقت گوهي ڪري ٿي وجي ۽ ڪي واقعا وسريو تا وڃن. ماضي اُن ڪي ائين ڍڪي ٿو ڇڏي، جيئن سُڪل ٻوهہ ۾ لُريءَ ڪان مال ڪي ڍڪي ڇڏيندا آهن. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ تخليق ۾ بيحد اُتساهہ تڏهن پيدا ٿيندو آهي، جڏهن مصنف اُن جو مرڪزي ڪردار هوندو آهي ۽ گهڻو ڪري ماضيءَ جون يادگيريون آڻ- چت مان اُڀري ايندون آهن. ڪنهن مهل اونهاري جي يادگيري سياري ۾ ايتري چتائيءَ سان ايندي آهي، جو جڻ بدن تي پٽُ نڪري ايندي آهي ۽ ڪنهن وقت سياري جي يادگيري اونهاري ۾ ايتري شدت سان ايندي آهي، جو لڱ لڱ ۾ سيئاندو ٿيندو آهي. سر وليم بئري (Sir William Barrie: 1860ع _ 1937ع) ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي تہ: "خدا اسان کي يادگيري ڏني ئي انهيءَ لاءِ آهي تہ اسان کي ڊسمبر ۾ گلاب ملي سگهن."

پر وري بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ وسري ويندو آهي ۽ پوءِ ذهن ۾ ايئن چلانگ ڏئي اڀري ايندو آهي، جيئن گڊ ڪيرٽر تي چنڊ ڏسي، مٿي چلانگ ڏيندو آهي. يادگيريون غمگين ڪنديون آهن ۽ عمر جو اذيتناڪ احساس بہ ڏينديون آهن.

اها رات جڏهن اسان مختيارڪار وٽ مٽيءَ ۾ ماني کاڌي، اُن وقت منهنجي ڦوهہ جواني هئي. اڄ ڪلهہ چاليهہ سال ڪاٽي عمر نہ آهي. ان عمر ۾ تہ هر انگ مان سڄ ڦٽندو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تيستائين پيار مان الھڙپائي ختم ٿي ويندي آهي ۽ اُن ۾ آٽونڊايون نہ رهنديون آهن. انهن جي جاءِ تي سنجيدگي ۽ ديرينائي اچي ويندي آهي. اڳين اُڀري دل _ ڦينڪ فطرت تہ نہ رهي آهي، پر اڄ تائين عمر جي باوجود پاڻ ۾ سونهن جو سوداءُ ويو نہ آهي. ڪائونٽ ليوتاستاءِ (1828ع _ 1910ع) هڪ هنڌ چيو آهي تہ: "اهو چوڻ تہ ڪوئي ڪنهن کي سڄي عمر پيار ڪندو ائين آهي جيئن چئجي تہ هڪ ئي موم بتي تيستائين ٻرندي رهندي، جيستائين اوهان جيئرا آهيو." آسڪر وائيلڊ بہ بنهہ سچ چيو آهي تہ: "انهن انسانن لاءِ جذبات جو اظهار ڪلڻ هاب لڳندو آهي، جڏهن اُنهن سان محبت ختم ٿي ويندي آهي."

پر ان رات مون کي ڪائي صورت چنڊ جي چٽائيءَ وانگر ياد آئي هئي ۽ مون کي ساري رات ننڊ نہ آئي هئي. هوءَ مون کان ڪيترو نہ دور هئي، ڪيترو نہ مجبور هئي! ”زنجير رِم آهو“ اردوءَ جو هڪ عجيب استعارو آهي. هرڻيءَ جي ڊوڙ بہ هڪ زنجير هوندي آهي، جا آهيڙيءَ کي پنيان گهليندي آهي. هوءَ ڪيتري نہ مختلف هئي! پهريون ڀيرو مون کي زندگيءَ ۾ شدت سان پيار جو احساس ٿيو هو. اڄا موم بتي ٻري رهي هئي، اڌ بہ وسائي ڪونہ هئي ۽ اُن جي روشنيءَ ۾ ساري ڪائنات هن وانگر ٿي لڳي.

مختيارڪار جي مانيءَ تي اسان کي ڀوڙ پلاءَ سان گڏ نيٽ ٿري ڪاڏو ڪنيون، ڏونرا ۽ ڇيڙ بہ کارايا ويا. مان ڀانيان ٿو تہ ڏونرن جي ڪتاڻ ۽ ڇيڙن جون تريل ڪچريون بہ هيون. جيتوڻيڪ مانيءَ کان پوءِ مون کي جهليائون تہ ٻاهر پڌر ۾ نہ وڃ، ڇو تہ ٻاهر ڪنهن لُنڊيءَ ڪپر، بہ مُنهين، گهوڙيال يا ٻئي سُرٽي جو ڀؤ تي تي سگهيو پر چنڊ انسان کي ائين ڇڪي ٿو جيئن گهنگهر سان ٻانهي کي ڇڪبو آهي. مون کي پونم جو چنڊ ڏاڍو وڻندو آهي. ان جا سيتل ڪرڻا من ۾ سُتل سور جاڳائيندا آهن. ڪيڏيون نہ سارون انهن ڪرڻن مان تيرن وانگر ايندڻيون آهن، جي من کي بي چئن ڪنديون آهن!

ان ڏينهن الهڙ جواني پئي ياد آئي. مان جڏهن بہ شڪارپور ۾ بهار جي مند ۾ هن جي گهر ويندو هوس، تڏهن لڪيدر تان رابيل جون ڪنديون وٺي ويندو هوس ۽ اسان چانڊوڪيءَ ۾ واڻ جي کٽ تي اڪٽ ڳالهيون ڪندا هياسين، تان جو رات جا ٻہ وڄندا ها ۽ مان گهر موٽي ويندو هوس. ريشم مون کي گهٽيءَ جي موڙ تائين ڇڏڻ لاءِ ايندي هئي. ساري دنيا ننڊ ۾ آلوٽ هوندي هئي، پر ريشم کي ڀؤ هوندو هو تہ آهڙي اويري وقت مون کي هن جي گهر مان نڪرندو ڏسي، غلط فهميءَ ۾ هن جو ڪوئي مائٽ مون  کي ڪارو ڪري نہ ماري وجهي. هُن اِهاڳالهہ مون سان ڪيئي ڀيرا ڪئي هئي ۽ چيو هيائين تہ ”ساجهر گهر ويندو ڪر، ائين هَئوُ مَئوُ تاري نڪرڻ چڱو نہ آهي.“ پر چانڊوڪي ۽ پيار کي چقمق جي ڪشش هوندي آهي. انسان کٽ جي اِيس تان اٿي نہ سگهندو آهي ۽ ڪوئي زنجير هن کي اُن سان جڪڙي ڇڏيندو آهي. وقت کي ڇڪور جا پر هوندا آهن، ڏاڍو تيز اڏامندو آهي، پر ٽڪجي نہ ٽڪبو آهي. گوئٽي جي فائوسٽ تڏهن تہ ميفسٽوفلس جي اڳيان اِها اِچاڪئي هئي تہ مون کي جواني موٽائي ڏي! هاڻي تہ مرحوم مون کي ائين ياد

ايندي آهي، جيئن جھُڙ ۾ تارا هوندا آهن. هوءَ هن ڌرتيءَ تي يا ٻئي ڪنهن گرهہ تي آهي يا اُتلو سِرشتيءَ ئي ڪنهن ٻيءَ ۾ آهي، اهو ڪيئن چئجي! ڪوئي وچي موٽيو تہ نہ آهي، جو ڪنهن جو ڏس ڏئي سگهي، پر دل چئي ٿي تہ هن ڪان اڳتي بہ اڪٿ زندگيون آهن، جي ڪُٽي نہ ڪنٽيون آهن.

مِنيءَ ۾ اُن رات مان ڪافي دير تائين اگڻ ۾ ٽهلندو رهيس. مون ساري زندگي ننڊ تمام گهٽ ڪئي آهي ۽ هڪ نظم ۾ پنهنجن ڇپرن کي ڪنهن مزدور جي ڳورين ڳوٺين سان تشبيهہ ڏني آهي. ان کان وڌيڪ سچي تشبيهہ مون سچيءَ شاعريءَ ۾ نہ ڏني آهي. هن عمر تائين مان رات جي ٻي ٽين بجي تائين لکندو آهيان. تڏهن تہ جواني هئي، جڏهن مان مِنيءَ ۾ ٽهلي رهيو هوس ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ مون پنهنجي تازي وائي "دلڙي ٿي ديواني ڙي" لکي هئي. ان رات مون کي پڌر ۾ ڪوئي سپ نظر نہ آيو. دراصل مون کي خاطري هئي تہ مقدر منهنجي حصي ۾ جا شاعري ڏني آهي، اُها جيستائين مان لکي پوري نہ ڪندس، تيستائين نہ مرندس. مان ڪيترا ڀيرا موت جي منهن ۾ وڃي بچي ويو آهيان ۽ منهنجو وار بہ وِنگو نہ ٿيو آهي. اهڙو ڪجهہ ذڪر "ڪتين ڪرَ موڙيا جڏهن" جي پهرين ڀاڱي ۾ (مهاڳ ۾) ڪيو آهي. وڌيڪ ٻئي ڪنهن ڪتاب ۾ لکندس.

انهيءَ مختيارڪار جو نالو وسري ٿو وڃي. نہ وري جمال ۽ ابراهيم کي ياد آهي. رشيد ڀٽي وڃي پنهنجي رب کي پهتو آهي. هُن اسان کي ٻڌايو تہ جي اسان ساجهري سويري گهران نڪرنداسين تہ ڪوهن تي نهايت خوبصورت نظارو نظر ايندو. ان ڪري مان صبح جو چئين بجي اُٿي، ڇهين بجي تائين وهنجي سِهنجي تيار ٿي ويو هوس. چار ڪلاڪ ننڊ منهنجي اڳتي سفر لاءِ نئين جَلائو مادي (re-fueling) لاءِ ڪافي هئي. ڪنهن وقت مون سوچيو آهي تہ جي زندگي ايتري مختصر آهي تہ اِنسان ننڊ ڇو ٿو ڪري؟ منهنجو وس پڄي تہ جيڪر ننڊ نہ ڪريان. ننڊ تہ موت جي ڀيڻ آهي. ماٺهو صدين جي پوُل پلئيان ۾ گم ٿي ٿو وڃي، انهيءَ ڳوڙهيءَ ڳجهارت ۾ جنهن جي ڪائي پيچٽي نہ آهي. پر چا ڪجي، ننڊ سمنڊ جي وير وانگر هر شيءِ واري ٿي وڃي. اها تہ موت جي تختي تي بہ اچي وڃي ٿي. مون کي هن وقت شهيد ڀُٽي جي پوئين رات ياد اَچي رهي آهي. چون ٿا تہ هن ڏاڍي گهري ننڊ ڪئي هئي ۽ ڦاسيءَ کان اڳ هن کي فقط هڪ خواهش هئي تہ ڏاڙهي

ڪُوڙي وٺان. هو زندگيءَ ۾ نهايت خوبصورت هو ۽ هُن نہ ٿي چاهيو تہ هُو موت کي ڪوجهو نظر اچي. شايد ڪمال اتاتُرڪ بہ ساڳي حالت ۾ هجي ها تہ اَهڙيءَ خواهش جو اظهار ڪري ها. ملائڪن سان ملاقات لاءِ ماڻهوءَ کي مُنهن تي ملائڪ وارو ڏيکُ هجڻ گهرجي. هُو بہ مون وانگر ننڊ ۾ وقت ضايع نہ ڪندو هو. ايوب خان کي استعفا ڏئي جڏهن هن اليڪشن لاءِ دورا ڪيا، تڏهن هُو ننڊ فقط پنهنجيءَ ڪار ۾ هڪ شهر کان ٻي شهر ڏانهن ويندي ڪندو هو. شايد هو بہ مون وانگر محسوس ڪندو هو تہ ننڊ هڪ فضول شيءِ آهي. زندگي نيٺ تہ ڪنهن ڦاٽل پاٽل وانگر ڦِٽي ڪرڻي آهي. اُن مان جيترو ڊِؤ ڪجي، ڪري ونجي. چون ٿا تہ هن ۾ ڪمزوريون هُيون، هونديون. چون ٿا تہ هن جو نصب العين صحيح نہ هو هوندو. مون تہ جڏهن بہ هن کي ڏٺو هو هڪ تروتازه گلاب وانگر ڏٺو هو ۽ چون ٿا تہ موت ۾ بہ هو ائين لڳي رهيو هو جڻ تازو ڪنهن هن کي تاريءَ تان ڇڳو آهي. ذاتي زندگي اُن دور ۾ اسان ڪنهن جي ڏٺي هئي؟ چرچل جي، ڊيگال جي، روزويلٽ جي، اسٽالن جي، مائوءَ جي، سوئيڪارنو جي، مارشل ٽيٽو جي؟ ڪهڙي ليڊر جو ڪوئي صحيح اکين ڏٺو شاهد آهي. تاريخ نويسن هنن جون زندگيون ڪنهن رِليءَ وانگر ڏينهن جون ڇِتيون ڳنڍي جوڙيون آهن. پوءِ بہ ڪهڙي تاريخ نويس کي خبر آهي تہ هو رات ڪيئن گذاريندا ها؟ جيڪي ڳالهيون اسان هُن جي باري ۾ ٻُڌيون آهن، ممڪن آهي تہ ڪُوڙيون آهن. هن جي پوئين قيدوبند جي باري ۾ جيڪي ڇاتو ويو آهي. اُنهيءَ مان تہ ظاهر آهي تہ هن عزت جي موت کي ذلت جي زندگيءَ تي ترجيح ڏني هئي.

هو بنيادي طرح هڪ عملي فلاسافر هو. سقراط وانگر مُرڪندي هيملاڪ پي سگهندو هو. اطالوي شاعر ۽ مفڪر برونو وانگر، شعلن جي لپيٽ ۾ اَچي، خوشيءَ سان شعلو ٿي سگهندو هو. پروانا پنهنجي تقدير تي نہ روئيندا آهن. قاضي عابد مون کي هن جي سپريم ڪورٽ ۾ ڪيل آخري تقرير ٻڌائي هُئي، جنهن جا پويان لفظ اِهي هئا تہ:” ماءِ لارڊ! جي مان واجب القتل آهيان تہ منهنجي مٽي کي منهنجيءَ ڪمر وٽان ڪپيو وڃي، جيئن هن وقت تائين جيڪي سر ڪپيا ويا آهن، انهن کان منهنجو سر اوچو نظر اچي.“

هي آنا هئي يا هماليہ جي چوٽي ائنا پورنا هئي! مون شاعري لکي آهي،

چڏي آهي ۽ بلڪل واندو ويٺو آهي. چيو اٿائين تہ اوهان پلي لا منسٽريءَ ۾ سندس آفيس ۾ اچو."

بروهي ۽ پنو پاڻ ۾ نہ ٺهندا هئا ۽ مون شهيد پني جي ڦاسيءَ تي هن جو ردِ عمل تي ڏسڻ چاهيو ۽ ائين بہ هن سان ڪچهري ڪرڻ تي گهري. مان جڏهن بروهيءَ سان مليس تہ هن ڳالهہ ئي پني جي ڦاسيءَ سان شروع ڪئي. بروهيءَ کي انگريزي نثر ۽ نظم جي باري ۾ حافظو ايتروئي تيز هو جيترو منهنجو اردو ۽ فارسي شاعريءَ جي باري ۾ آهي. بروهي فلسفي ۽ نفسيات جو بہ ماهر هو ۽ هن بي. اي ئي انهن موضوعن ۾ ڪئي هئي ۽ غالباً بي. اي هانرس (فلسفي) ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو هو. ڳالهيون ڪندي هن مون کي سي. جي. جنگ (1975ع کان 1961ع تائين) جي هڪ لکت ڏانهن ڌيان ڏياريو:

It is just as neurotic in old age not to focus upon the goal death, as it is in youth to repress fantasies which have to do with future

(پيريءَ ۾ موت جي منزل تي خيال مرڪوز نہ ڪرڻ اهڙو ئي تنتياتي مرض آهي، جهڙو جوانيءَ ۾ مستقبل جي باري ۾ تصورات تي روڪ.)

مون جواب ۾ هن کي جيمس باسويل جي ڪتاب مان حوالو ڏنو تہ: "جڏهن هن کان مون سوال پڇيو تہ، ڇا اسان موت کان زندگيءَ کي محفوظ رکون؟" تڏهن هن چيو، "نہ، موت جي ڳالهہ ڇڏي ڏي، ان ڪري فرق نہ ٿو پوي تہ ماڻهو ڪيئن مئو پر فرق تہ اها ڳالهہ تي ڪري تہ ڪيئن جيئرو رهيو. موت اهڙو اهم نہ آهي، ڇوتہ اُهو اڪيوت جو معاملو آهي." ممڪن آهي ترجمو پورو نہ هجي، پر بروهي يڪدم سمجهي ويو ۽ چيائين: "اياز! ڇا اُهو، پنهنجي ڪتاب "جانسن جي زندگيءَ" ۾ چيو اٿائين؟" مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي. وڏيڪ ڳالهيون ڪندي مون بروهيءَ کي ٻڌايو تہ: "پنو هڪ يڪتائي روزگار شخصيت هو. هن سان ڪوئي اتفاق ڪري يا نہ ڪري." اِن تي بروهي صاحب فرمايو تہ: "اهو تہ پنهنجي جاءِ تي، پر اياز مان يقين سان چوان ٿو تہ هُو ڏاڍو محنتي انسان هيو. مون پني جهڙو محنتي شخص زندگيءَ ۾ نہ ڏٺو آهي." مون اِن تي چيو: "سائين، پنو ننڊ ۾ تمام ٿورو وقت وڃائيندو هو." "ائين ئي ٿو لڳي،" بروهيءَ چيو "نہ تہ ايترو ڪم ڪيئن ڪري سگهي

ها!“ شهيد پٽو ۽ بروهي ٻئي گذاري ويا آهن. هر ڪنهن کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. پر مان يقين سان چوان ٿو تہ اِهي ٿي شهيد پٽي جي باري ۾ بروهي مرحوم جا پويان لفظ هئا.

بهر صورت اها ڪيترو وقت پوءِ جي ڳالهہ آهي. وقت جي نديءَ ۾ مان ڪڏهن گهڻو اڳتي نڪري ٿو وڃان. وري پٺتي تري ٿو اچان. هي زندگيءَ جو سفر آهي، ان ۾ ماضي، مستقبل ۽ حال هڪ ڪشتيءَ ۾ سُوار آهن. مُنڊو منڊي سان جڪڙي وينا آهن ۽ جي ساٿ ڇڏن ٿا تہ ٿوري وقت لاءِ. وري ساڳئي هنڌ تي موٽي اچن ٿا. مان درحقيقت اندريون انسان آهيان، مون ۾ ٻاهريون انسان تہ فروعي آهي. بهر صورت مان ٻاهرئين انسان جو جامو پيهر ٿو پايان ۽ اُتان شروع ٿو ڪريان، جڏهن مان جمال ابڙو ، ابراهيم جويو ۽ رشيد ڀٽي گڏجي هڪ ڪوهہ تي آياسين. اپ ۾ ڪي ڪارا اڇا ڪڪر اتر اوڀر پئي ويا تہ ڪي ڏکڻ اولهہ پئي ويا. سيني انهن کي ”اُب“ تي ڪوٺيو ويو ۽ برسات جي اڳڪٿي تي ڪيائون. اهو منظر هڪ تاثراتي تصوير (Impressionistic painting)وانگر هو.

آڪميل آڪاس جي هيٺيان ڪيئي سماٽ عورتون گهڙا مٿي تي رکي بيٺيون هيون ۽ صاف نظر اچي رهيون هيون. هنن کي پيرن ۾ چانديءَ جون ڪڙيون يا جهانجهرا پيا هئا. ڪجهہ مسلمان عورتون، گُرگيز ڪورائي، لاشاري وغيره هيون ۽ ڪجهہ هندو ناريون سوٿهڙ، جاٽ، مينگهواڙ وغيره هيون. ڪوهہ جي هر حصي جو نالو جدا هو. پاٽي چڪڻ جو ڪم اُنن ڪان ورتو ٿي ويو جن کي هڪ ٿي پاڃاريءَ ۾ ٻڌو ويو هو. ڪوهہ ۾ چمر جو ٻوڪو (ڪوس) چَمر جي رسيءَ سان ٻڌي ڪُپيءَ تائين هيٺ تي لاٿائون. چمر جي رسيءَ کي ”ورَت“ ۽ ڪپيءَ کي ”پَوَڙ“ تي چيائون. پوڙ ٻن ڪانين ۾ مضبوط ٽيل هئي، جنهن کي ”ڪُهڙ“ تي ڪوٺيائون. ڪنهن فلسفي جي تفڪر وانگر ڪوس،پَوَڙ تان نڪرندو وڃي ڪوهہ جي تري ۾ تي ڪريو. ان ڪان پوءِ پاٽيءَ ڪيندڙ جهُڪي تي ڏٺو تہ ڪوس پريو يا نہ . پاٽيءَ پريندڙ کي ”گوسِي“ تي چيائون ۽ وهٽ ڪاهيندڙ کي ”ڪيليو“ تي سڏيائون. جڏهن ڪوس پرجي ڳورو تي لڳو، تڏهن گوسيءَ ڪيلئي کي سڏ تي ڪيو. پوءِ ڪيلئي وهٽن کي هڪليو تي ۽ ڪوس ٻاهر تي ڪڍيائون ۽ ان کي جنهن جاءِ تي ٻيهاريائون تي، تنهن کي ”ڦرهڙي“ تي چيائون. اهي لفظ انهيءَ ثقافت

جون نشانيون آهن، جنهن جون جڙون ڪيئي صديون پراڻيون آهن. نہ رڳو ٿر ۾ ڪوهہ جي هر پاڳي ڪي پر هر ڳوٺ، پِٽ، ڏهر، ڀِٽيءَ، ڳس کي نالو هو. هر وڏي وڻ، هر ننڍي وڻ، ٻوٽي، وڏي، ننڍي يا پاڄيءَ واريءَ وَل کي نالو هو. پوءِ اُهي پوکيل هيون يا جهنگلي هيون، ڳنڍ واريون هيون يا بنا ڳنڍ جي هيون. هر گاهہ کي ائين نالي سان سڃاتو ٿي ويو جيئن قومن ۾ ذاتين کي نالي سان سڃاتو ٿي ويو. هر ٻاسڻ برتن کي ائين نالو هو جيئن گوُتر ۾ نُک کي نالو هو. هر ترائي ۾ تلاءَ کي نالو هو. هر ڪوهہ، وِيَريءَ ۾ انهن مان پاڻي پِرڻ جي قسم ۾ خاصيت جو نالو هو. هر جانور، جيت جڻئي، پکي پکڻ کي نالو هو. ڪهڙا تفصيل ڏئي ڪهڙا تفصيل ڏيان! جي مان ٿر ۾ رهان ها تہ ڏهن مهينن ۾ ڏهہ هزار صفحا اُن جي لغت لکان ها.

مون وٽ هڪ آسٽريلن شاعره اسٽيلا ڊراءِ لئنڊ (Esteila Dryland) ايندي آهي، جا ڪراچِيءَ ۾ مهاجر تهذيب ۾ اُردو زبان وغيره تي هڪ پورو ڪتاب لکي رهي آهي ۾ گڏوگڏ منهنجي شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو بہ ڪري رهي آهي. جڏهن مون هن کي ٻڌايو تہ اسان جي ٻولي هيتري شاهوڪار آهي ۾ ان ۾ ڪيترائي لفظ آهن، تڏهن هن مون سان اتفاق ڪيو ۾ چيو تہ مان هڪ اردو شاعره فاطمہ حسن جو نظم پڙهيو اُن انهيءَ موضوع تي هڪ خوبصورت ننڍو نظم لکيو آهي، جو مون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي:

مان هاليجي ڍنڍ تي ويس،
پريان هڪ وڻ بيٺو هو
اُن وڻ تي هڪ پکي ويٺو هو
پر اهو ڪهڙو وڻ هو؟
اهو ڪهڙو پکي هو؟

اهو نظم پاڻ ۾ هڪ وڏي الميہ جو داستان سمائي ٿو. مون هن سان دنيا جي پناهہ گزينن جي نفسيات تي بحث ڪندي چيو تہ:

”پناهہ گزين گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ سال اُنهيءَ ثقافت کي چُهٽيا پيا هوندا آهن، جا هو پٺتي ڇڏي ايندا آهن. سفيد روسي (White Russians) جڏهن روس ڇڏي فرانس يا انگلينڊ ۾ آباد ٿيا، تڏهن گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ سالن لاءِ هو شعر، ڪهاڻيون ۾ ناول روسيءَ زبان ۾ لکندا رهيا. رڳو نبوڪوف جهڙو ماڻهو جنهن مشهور ناول ”لوليتا“ لکيو هو ۾ عالمي ادب ۾ نالو پيدا ڪيو هو

انگريزيءَ کي اپنائي سگهيو هو. اسان وٽ پاڻ کي ڪوئي بہ پناهہ گزين نہ ٿو سمجهي. هو چون ٿا تہ اسان مهاجر آهيون ۽ هي ملڪ اسان ناهيو آهي، جي هنن جي دعويٰ تسليم بہ ڪئي وڃي تہ تڏهن بہ هو ان ڳالهہ جا انڪاري نہ ٿي سگهندا تہ اسان هن ڌرتيءَ جا اصل باشندا آهيون ۽ ثقافت جون ڌرتيءَ ۾ جڙون ٿينديون آهن ۽ هو پنهنجون جڙون پنهنجي ڌرتيءَ تان پاڻ پٽي آيا هئا ۽ جي هتي هو ڪائي آمريڪا وانگر پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي پيدا ڪري سگهندا تہ ان ڳالهہ ۾ ڪين صديون لڳنديون. في الحال تہ هو انڌي گهوڙيءَ وانگر ڳل ۾ ڌوڪيندا ٿا رهن.“

وري پنتي. منيءَ ۾ ڪوهہ ٽي مون جي پياراچهرا ڏٺا. اُنهن کي پنهنجو رنگ روپ هو ۽ راجستان کان سواءِ اهڙا چهرا اوهان کي ڪٿي نظر نہ ايندا. حسن پرستي شاعر کي ورثي ۾ ملندي آهي ۽ شاعر کان وڌيڪ حسن جو پارکو صنم تراش ٿي سگهي ٿو جو پٿر ۾ جان وجهي سگهي ٿو. اسان انهن عورتن کي گهوري انهن جي هر زيور، هر آدا ۽ هرانگ کي ڏسندا رهياسين. مون کي صائب جو شعر ياد اچي رهيو هو:

*حسن و عشقِ پاک را شرم و حیا درکار نیست*
*پیشِ مردم شمع در بر می کند پروانہ را*

(حسن ۽ عشق جي پاڪ آهي تہ اُن کي شرم ۽ حيا درڪار نہ آهي.
ماڻهن اڳيان ميڻ بتي پتنگ کي ڪٽي ڇاتيءَ سان ٿي لڳائي)

خير هي تہ ڊش ائنٽيناجو دؤر آهي. بي. بي. سي ۽ زي (Zee) ٽي. وي ڏسڻ کان پوءِ جڻ اهڙا شعر فضول لڳي رهيا آهن.

بهر صورت اسان لاءِ خاص ڪري ان وقت مارئيءَ جي ديس ۾ اُڏيءَ اک سان نهار ناممڪن هئي. گهڻو پرينندي اسان کي هر عورت مارئي لڳي رهي هئي. هونءَ بہ مان جنسي معاملات ۾ مادر پدر آزاديءَ جو قائل نہ آهيان، نہ مون ڪنهن ماهرِ نفسيات وانگر چيو آهي تہ:

”خاندان هڪ خودڪشيءَ جو مخفي معاهدو آهي.“

۽ نہ طنز ڪندي ڪنهن باعصمت عورت کي گيٽ ڪيپر-Gate keeper) ڪوٺيو آهي. هن وقت مون کي اهو احساس آهي تہ جنسي بغاوت جو دؤر مغرب ۾ ختم ٿي رهيو آهي. اُتي نوجوان قربت (Intimacy)، جوڙن جي ڳانڍاپي (Pair-bonding)،تعلقات قائم رکڻ (Working at

relationships) ۾ اعتبار ڪري رهيا آهن. جنسي تعلقات ۾ سُپاءُ، گڏ ۾ لڇڻ، جهجهائيءَ ۾ گهَٽِ_ اُڪاس ڪان وڌيڪ ياري ۾ وزنائتا سمجهيا ٿا وڃن. جنس جي خسيس پٽي خلاف سخت رد عمل آهي. ان دؤر ۾ نہ هينري ملر(Henry Miller) ۾ فرانسوا ساگان (Francoise Sagan) جي آتم ڪهاڻين ۾ ناولن مغرب جي ذهن کي ڪافي لوڏي وڌو هو جنهن جو ڪنهن حد تائين برصغير جي پڙهيل ڳڙهيل طبقي تي بہ اثر پيو هو. جيتوڻيڪ ڪافي وقت پوءِ هينري ملر پنهنجي انٽرويو ۾ چيو هو تہ:"انسان کي ايتري جنسي آزادي ملي چُڪي آهي، جو ان تي وڌيڪ لکڻ فضول آهي."۽ خط سرطان(Tropic of Cancre) ۾ خطِ جدي (Tropic of Capricom) ۾ جنسي بي راهہ رويءَ جي بين ڪتابن جو عظيم مصنف ان ڪري خاموش ٿي ويو هو. پاڪستان ڪان اڳ تہ اسان جي ذهنن ۾ ڪرشن چندر، راجيندرسنگهہ بيدي، عصمت چغتائي ۾ سعادت حسن منٽو ، سرايت ڪري ويا هئا ۾ اجا تائين انهن جو نيون، خوبصورت ۾ نهايت مهانگيون اشاعتون نڪري رهيون آهن. ان دؤر ۾ مون ۾ پاڪيزگي ۾ گناهہ لاءِ ڪشمڪش هڪبئي سان مُندو اتڪائيندين هيون. ڪڏهن مان مڙي ويندو هوس ۾ ڪڏهن ماڪيءَ ۾ مک وانگر ڦاسي پوندو هوس، پر مان ايمانداريءَ سان ٿو چوان تہ تر ۾ مون کي هر عورت مارئي لڳي رهي هئي، بي بي حوا جي ڌيءَ، جنهن تي انجير جو پن مون کي وٽي رهيو هو.

جواني ديواني ٿئي ٿي. مان ڪو فرشتو نہ آهيان، مون ۾ بہ انساني ڪمزوريون رهيون آهن. هڪ ڀيري مان بنگلاديش ۾ (جو اُن وقت اوڀر پاڪستان هو) رائيٽرس گلڊ جي اجلاس مان اوچتو گم ٿي ويس ۾ ڪيئي سَو ميل دريائي سفر ڪري وڃي ڪُلنا نڪتو هوس، جنهن جو تفصيلي ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۾ ڪيو آهي. ڪُلنا کان پوءِ سندر بن گهُمي، جتي نو سو واگهہ هوندا هئا، مان موٽي ڪُلنا آيو هوس ۾ ڊڪوٽا جهاز ۾ چاٽگام هليو ويو هوس. اتي مون ڊاڪٽر نعيم دريشاڻيءَ کي ميڊيڪل هاسٽل ۾ ڳولي لڌو هو جو سنڌي شاعر هو ۾ منهنجو مداح هو. چاٽگام ۾ ڏاڍي بارش پئجي رهي هئي، مون نعيم وٽ سامان رکي، شايد ميڊيڪل هاسٽل ۾ ماني ڪاڌي . بارش ڪجهہ گهٽ ٿي وئي هئي. مون کي عورت جي جسم جي ڏاڍي بک لڳي هئي، سو نعيم کي

پاتر پاڙي (قحبہ خاني)ڏانهن ڇڪي وٺي ويس . اسان اڃا ان جو ڏس پئي پڇيو تہ بارش زور سان پوڻ لڳي. اُن بہ منهنجي تشنگي دُور نہ ڪئي. نيٺ هڪ جاءِ تي پهتاسون، جتي بارش جو پاڻي نالا ڪري وهي رهيو هو ۽ رستي تان اُڪرڻ لاءِ وڏا تختا رکيا ويا هئا. جن تان ڪي بنگالي اُڪري رهيا هئا. ٿوري پنڌ تي لالٽين ٽمڪي رهيا هئا، جن جي روشني تختي تي ۽ اُن جي هيٺيان پاڻيءَ ۾ جگنو جلائي رهي هئي، جتي لالٽين ٻري رهيا هئا، اُها جاءِ پاتر پاڙو هئي، جنهن جي تلاش ۾ اسان مٿن تي برساتيون رکي خوار خراب ٿياسين. مان تہ ذري گهٽ تختي تان پاڻيءَ ۾ ڪريو هوس، جو هڪ فوٽ ويڪرو هو ۽ اُتان هڪ ماڻهو بہ مشڪل سان وڃي ٿي سگهيو. جڏهن اسان تختي تان لٿاسون تہ ٿلهي تي پنهنجي پنهنجي ڪمري پرسان بيسپائون (بنگاليءَ ۾ وئشيائن کي چئبو آهي) ويٺيون هيون. سانوريون، سلوڻيون، شرت چندر چٽرجيءَ جي ناولن جي ڪردارن وانگر. مون هڪ کان پڇيو"گهڻو وٺنديئن؟ " چيائين "ٽي رپيا". اوچتو مون کي هن جي بي ڏسي هن تي ايترو رحم آيو ۽ پاڻ کان ايتري نفرت ٿيڻ لڳي، جو مون نعيم کي چيو: "مان ٽئگور جي ديس جي توهين نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. هل تہ موٽي هلون." نعيم منهنجو ردِ عمل ڏسي خاموش ٿي ويو ۽ اسان وري ساڳئي تختي تان، مٿي تي برساتون وجهي موٽي آياسين. پوءِ مون نعيم کي رخصت ڏني. سڪر موٽي مون بنگلاديش جي وئشيا کي ڪامر ڏينوءَ سان تشبيهہ ڏني، هن تي هڪ نظم لکيو هو، جو منهنجي ڪتاب "ڪلهي پاتم ڪينرو". ۾ شايع ٿيو هو.

ان سفر دوران مون کي قدرت الله شهاب جو خط هيو جو رائيٽرس گلڊ جو سيڪريٽري جنرل ۽ صدر ايوب جو سيڪريٽري هيو تہ هر ڊپٽي ڪمشنر مون لاءِ رهائش جو بندوبست ڪري، ڇوتہ مان پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ميمبر آهيان. سو مون چاٽگام جي انهيءَ ڊپٽي ڪمشنر سان ملاقات ڪئي، جنهن کي چڪما ۽ ماگهہ قوم جي ماڻهن کي، انهن جي گهرن ۽ ٻنين لاءِ عيوضو ڏيڻو هو. جن جا گهر ۽ ٻنيون ڪرنافليءَ نديءَ مان نهيل ڊيم (Dam) جي وچ ۾ اچي ويا هئا. رات مون هن جي بنگلي تي ڪاٽي. ڪچهري ڪندي هن مون کي ٻڌايو تہ ڪرنافليءَ جي ٻيءَ پر تي چڪما ۽ ماگهہ قوم جا قبائلي ماڻهو رهندا آهن.

هن کي صبح سان ساجهري سمپان (هيڙيءَ) تي ٻيءَ پر وڃڻو پوندو ڇوتہ هن کي ڪجهہ ماڻهن کي عيوضو ڏيڻو آهي، جن جا گهر پائيجي ويا آهن. هن مون کي هلڻ لاءِ دعوت ڏني، پر فقط هڪ ڳالهہ کان جهليو ۽ چيائين:"ڪنهن عورت کان هن جو نالو نہ پڇجانءِ."

ٻئي ڏينهن اسان سمپان ۾ سوير 7 بجي نڪتاسين. جڏهن سمپان (پورو ياد نہ آهي سمپان هئي يا نَوڪا هئي) ۾ ٻيءَ پر ڇڪما ڳوٺڙي جي ڪناري پهتاسين ۽ جڏهن سمپان مان ڪناري تي لٿاسين، تڏهن مان اهو ڏسي حيران ٿي ويس تہ ڪي ننگيون عورتون ڪناري تي سنان ڪري رهيون هيون ۽ ٻيون وري ڪپڙا ڌوئي رهيون هيون، پر انهن کي بہ رڳو ننڍڙو پوتڙو ٻڌل هيو ۽ هنن جو ٻيو سارو بدن ننگو هو. اسان هنن ڏانهن ڏٺو پر هنن اسان ڏي ڌيان نہ ڏنو ۽ پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهيون. اُهي سورنهن کان ويهن ورهين جون گوري رنگ جون ڇوڪريون هيون، جن جا نڪ برمي ڇوڪرين جي نڪن کان ڪجهہ بينا هئا، پر بُرا نہ ٿي لڳا. هنن جون ڇاتيون پڪل الفنسو[1] انبن وانگر هيون. اسان ٿورو اڳتي وياسين تہ هڪ سورنهن سترهن سالن جي ڇوڪري ڏٺي، جنهن کي رڳو هيٺ تي پوتڙو ٻڌل هو. هوءَ زيتوني رنگ جي هئي ۽ جنهن جون ڇاتيون لاڙڪاڻي جي پڪل زيتونن وانگر ٿي لڳيون، چرخو چوري ڪجهہ ڪَتي رهي هئي. اسان هن کي گهوري ڏسندا رهياسين. پر هن تي ڪوئي اثر نہ ٿيو. مون ڊپٽي ڪمشنر کي چيو تہ: "مون کي بنگلاديش جي باري ۾ ڪجهہ لکڻو آهي، سو تون هن ڇوڪريءَ کان هن جو نالو پُڇ!" ڊپٽي ڪمشنر وراڻيو:"مون تو کي اڳ ۾ چيو هيو تہ ڪنهن بہ ڇوڪريءَ کان نالو نہ پُڇجانءِ." مون ضد ڪيو تہ هُن ڇوڪريءَ کي بنگاليءَ ۾ ڪجهہ چيو. هوءَ اسان کي گهوري وٺي ڀڳي.مان وائڙو ٿي ويس ۽ ڊپٽي ڪمشنر کان پڇيم تہ : "تو هن کي بنگاليءَ ۾ ڇا چيو جو هيءَ وٺي ڀڳي."

هن جواب ڏنو تہ:"تنهنجي اصرار تي مون کيس چيو تہ مهمان نالو پڇي رهيو آهي. ان مان هن سمجهو تہ تون هن ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهين، ان ڪري هوءَ ڀڄي وئي. ٻيءَ ڪنهن ڇوڪريءَ کان نالو نہ پڇجانءِ."

ايتري ۾ اُتان جي ڇڪما قوم جو مکي اچي ويو. ڊپٽي ڪمشنر هن کي

---

[1] الفنسو انب خاص ڪري بمبئيءَ ۾ ٿيندو آهي. ورهاڱي کان اڳ اهي انب شڪارپور جا آڙهتي گهرائيندا هئا ۽ نہ رڳو مهانگي ۾ مهانگا انب هوندا هئا، پر سارو سال ملي بہ سگهندا هئا. اسان شڪارپور ۾ انهن کي "هاپوسي" انب چوندا هئاسين.

چيو تہ :”هو تري ديوراءِ کي گهرائي“. جو چڪما ۾ ماگهہ قوم جو مها منتري هيو (هن کي پوءِ بہ پاڪستان ۾ اقليتن جو وزير ڪيو ويو ۽ شايد بنگلاديش جي قيام کان پوءِ ڪجهہ وقت پاڪستان جو وزير هيو.) تري ديو راءِ هڪ ٽؤنگ (لڪڙين جي اڏيل ڇپري) تان چوڌاري نظارو ڏيکاريو. سيئي ننڍيون وڏيون ناريون پوتڙا ٻڌل هيون. اسان بہ انهن جي برهنگيءَ تي هري ويا هئاسين. دراصل لباس کي عيب ڍڪڻ لاءِ ايجاد ڪيو ويو هو پر اُهوئي انسان جو وڏو عيب آهي ۽ هن ۾ غلط جذبات جو باني آهي. انسان ننگو آيو آهي، ننگو ويٺو آهي، جي ننگو زندگي گذاري تہ ڪهڙو فرق پوي ٿو؟ درخت لباس نہ ٿا پائن، پکي پکڻ لباس نہ ٿا پائن، جيت جٺيا لباس نہ ٿا پائن ۽ نہ پيو ڪوئي ساهوارو آهي، جو لباس پائي ٿو. مون پنهنجي ٽِري پيس سوٽ کي نفرت سان ڏٺو. تري ديوراءِ مون کي مقامي شراب جون بہ بوتلون تحفي طور ڏنيون. اهو اتان جي جَڙي ٻوٽين جو شراب جڏهن مون پيتو تڏهن خمار تہ ڪيائين، پر صبح جو مون کي چئين بجي جاڳ ٿي، مون ائين محسوس ڪيو تہ مون تان ساري سفر جو ٿڪ لهي چڪو هو ۽ مون ۾ نئين جواني اچي وئي هئي. مون ڊپٽي ڪمشنر کي چيو تہ هو مون کي ڪريٽ بوتلن جو گهرائي ڏي، پر هن چيو تہ چاٽگام تائين پهچڻ لاءِ مون کي 45 ميل پهاڙي علائقي مان ويٺو پوندو ۽ چپي چپي تي ايڪسائيز پوليس وارا نہ رڳو اهو شراب ضبط ڪري وٺندا، پر مون کي بہ تڪليف ۾ آڻيندا. بنگلاديش جون ڪجهہ ڳالهيون مون پنهنجي ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ ۾ لکيون آهن.

جڏهن مان چاٽگام جي پهاڙي علائقي مان موٽي رهيو هوس تہ مون کي ڪلپنا دت ياد آئي هئي، جنهن ”چاٽگام جا انقلابي“ڪتاب لکيو آهي. منهنجو دوست لڇمڻ ڪومل آمريڪا ويندي، جڏهن پاڪستان ۾ ٽرئنزٽ ويزا تي ترسيو هو تڏهن منهنجي گهر آيو هو ۽ مون کي ٻڌايو هيائين تہ قرات العين حيدر ۽ ڪلپنا دت ٻئي پوڙهيون ٿي چڪيون آهن ۽ هن جون پاڙيسرياڻيون هيون . ڪلپنا تہ غالباً 85 ورهين جي هئي ۽ پنهنجي ماضيءَ ۾ رهندي هئي. مان اڄ سوچيان ٿو تہ ڪير ٿو چوي تہ ماضي مري ٿو وڃي؟ دراصل ماضيءَ جي ياد اسان جي وجود جو حصو ٿي وڃي ٿي ۽ اسان جي حال ۽ مستقبل کي آسان بنائي ٿي. انت تہ حال ۽ مستقبل بہ ماضي ٿي وڃن

تا ۽ تنها ياد رهجي وڃي ٿي. اڪثر اوقات اُها بہ نہ ٿي رهي. سَمئہ برهمپتُراوانگر گجگات ڪندو وڃي رهيو آهي, جا هر شيءِ کي پاڻ سان لوڙهي, انت سمنڊ ۾ سمائي ڇڏي ٿي. "انسان فاني, الله باقي."الا! مون اها ست "پونري پري آڪاس" ۾ ڦيرائي ڇو هئي؟

بهتر آهي تہ وري ٿُبي ڏئي, ٿر جي ڪنهن ڳِرڻ مان ٻاهر نڪران! لارنس آف عريبيا کي اها خبر نہ هئي تہ وقت بہ ڳِرڻ وانگر آهي, جا ڪي ڪي انسان ڳَڙڪائي نہ سگهندي آهي ۽ هُوان ۾ ٽپو ڏئي, آسانيءَ سان ٻاهر نِڪري سگهند آهن!

اسان پوءِ منيءَ کان اسلام ڪوٽ وياسين, اُن "اسان" لفظ جو ڦهلاءُ بہ ضروري آهي. رشيد ڀٽي مون سان ان سفر ۾ گڏ هيو سکر ۾ وڪالت ڪندو هو هن جا نقرئي ٽهڪ اسٽاڪ مارڪيٽ ٿرٽلي ۾ وڃهي سگهندا هئا. هو مون سان نہ رڳو هندستان ۾ 1963 ع واري سفر ۾ ساڻ هو پر پاڪستان ۾ سنڌ ۾ بہ ڪيئي ڀيرا سفر ۾ ساڻ هيو. هن راتين جو پورهيو ڪري منهنجي ڪتاب "خط, انٽرويو ۽ تقريرون"جي ڀاڱي ٻئي تي ڏکو مهاڳ لکي پاڻ کي ٿڪائي وڌو. اڳ ئي هو ذيابطيس جو مريض هو پوءِ تہ هن جي شگر ليول ايترو ڪري پئي, جو هو ائمبيولنس ۾ ڪراچيءَ پهتو مَس تہ گذاري ويو. هن جي موت تي مان ڊانڊيون ڪري رنو هوس. هو منهنجو ربانيءَ ۽ تنوير جو گهرو دوست هو ۽ ماهتاب محبوب سان بہ هن جي عليڪ سليڪ هئي ۽ جڏهن حيدرآباد ويندو هو تہ هن جي گهر رهندو هو. هن جي ڪردارنگاريءَ لاءِ هڪ پوري ڪتاب جي ضرورت آهي.

محمد ابراهيم جويو ڇاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن "شاهہ, سچل, سامي" ڪتاب لکي سنڌ تي ٿورو ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ بي بها ڪم ڪيو آهي. ڪيئي ٻيا ڪتاب هن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن ۽ جي. ايم. سيد جي ڪتابن کي بہ نظرثاني ڪري, انهن کي ترتيب ڏني آهي. منهنجي ڏيءَ ياسمين هن جي فرزند مظفر علي جويي سان پرڻيل آهي,جو آبپاشيءَ جي محڪمي ۾ ايڪس. اِي. اين آهي. جويو صاحب هن وقت اُٺياسي ورهين جو آهي,[1] اسان سن ڇائيتاليهن کان دوست رهيا آهيون ۽ اميد آهي تہ آخري دم تائين نڀائي ينداسين. تازو

[1] هن وقت (2010ع ۾) 95 سال ڪراس ڪري چڪو آهي (ت.ج)

هن ساميءَ تي بہ نهايت خوبصورت جلد چپايا آهن. (وقت وتي ڏني تہ تفصيل اڳتي لکندم) جي ڦڙڪي جي باڪس ۾ بند ڪيا ويا آهن ۽ جن تي خرچ سمورو راڪ هائوس واري شري دولت مهتاڻيءَ ڪيو آهي. دولت جي جاءِ تي ان ڪتاب جي باري ۾ هڪ نشست رکي وئي، جتي مون ڪلاڪ ڪان متي تقرير ڪئي، جا منهنجي پهرين ارڻ لکيل تقرير هئي. پهريون پيرو مون کي احساس ٿيو تہ مان سنڌيءَ ۾ بہ ايتريءَ روانيءَ سان ڳالهائي ٿو سگهان، جيتري روانيءَ سان عدالتن ۾ انگريزي ۾ ڳالهائيندو هوس.

هڪ پيري مون هڪ خون جي ڪيس ۾ رها ٿيل ملزمن خلاف ڪيل اپيل ۾ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس تنزيل الرحمان وٽ تي ڏينهن سانده تقرير ڪئي، تہ هن مون کي چيو تہ خدا جو شڪر ڪر، جو توکي هن عمر ۾ بہ ايتري سگهہ ڏني اٿائين، جو سانده تي ڏينهن ڳالهائي سگهيو آهين. ٻي طرف کان وڪيل جناب آفتاب آخوند هو جو نواز شريف جي حڪومت ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ائڊوڪيٽ جنرل هو. اپيل مون کٽي، جيتوڻيڪ آفتاب هڪ نهايت تيز ماهرِ قانون آهي ۽ هن جي تقرير ۾ نہ رڳو رواني، پر گهرائي بہ آهي. قضا الاهيءَ مان ٽئين ڏينهن تي بيمار ٿي پيس، وڪالت تالان والان ٿي وئي ۽ گذريل پنجن سالن کان ڪراچيءَ ۾ گوشہ نشين آهيان. رڳو لکندو پڙهندو آهيان. اهو قضا الاهي مون هڪ گهوٽڪيءَ جي رائيٽر ڪنسٽبل جون لکيل ايف. آءِ. آر پڙهي سکيو هوس. جڏهن بہ ڪوئي خون ٿيندو هو تہ واقعي کان اول "قضا الاهي" لفظ ايف. آءِ. آر ۾ ڪم آڻيندو هو. مثلاً:

"جوابدار ڪمند جي پوک ۾ لڪا وينا هئا. قضاالاهيءَ سان مقتول بہ انهيءَ جاءِ وٽان لنگهيو ۽ جوابدارن هُن تي آسانيءَ سان فير ڪيو......"

جڏهن مون اخبار ۾ تازو پنهنجي نوجوان دوستن فقير محمد لاشاري ۽ اسماعيل اُڍيجي جي حادثي ۾ موت جي خبر پڙهي تہ ٽڏو ساهہ پريو، اهي اڏ اکري پوليس منشيءَ جا لفظ اُچاريا، "قضا الاهي...." ۽ پوءِ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

منهنجي وڪالت جي تجربن لاءِ هڪ جدا ڪتاب جي ضرورت آهي، ان ڪري زيرِ تصنيف موضوع تي موٽي ٿو اچان. اسان هٿي پيري متيءَ نہ ترسياسين ۽ سڌو اسلام ڪوٽ مکي نهال چند وٽ وياسين، جو اُتي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو چيئرمئين هو ۽ ڊپٽي ڪمشنر محمد اسماعيل

نون جو دوست هو. جيڪو اُن تر جو زميندا هو ۽ منهنجو بہ واقف هو. آگسٽ جو مهينو هو تر ۾ برساتون پئجي رهيون هيون. اُتر ۾ هڪرار ڪنوڻ ڪجي رهي هئي. ساري زمين وارياسي هئي ۽ پاڻي ائين ٿي چُهي وئي، جيئن ڪنهن محبوبا جا چپ چُمندي ڪو ڪڪ نہ ٿيندو آهي. هڪ پيري مون ڪنهن کي اونهي گهري چمي ڏني هئي ۽ اهو سوچي منهنجيون اکيون پرجي آيون هُيون تہ هن جو ساٿ ڪيستائين رهندو!

اسلام ڪوٽ ڏانهن رستي تي برسات ٻنيون لوڙهي رهي هئي تہ ڪنهن چيو ٻنيون لڙهيون تہ چا، گاهہ تہ ٿيندو! بارش جي تيز وهڪري پٽن جي پاسن ۾ ڏرڙ ڪري ڇڏيا هئا. پوءِ بہ پٽ جي مُنهن وٽان شروع ٿيندڙ زمين جنهن کي "ٻُڪڙ"تي چيائون ۽ "پوچاندو" جتي پٽ پڇاڙي تي ڪئي يا اُپِي پٽَ، جنهن کي "نوڻ" تي چيائون، گاڏين هيٺان ائين لڳي رهيو هو. چڻ گاڏيون ڪنهن قالين تان وڃي رهيون هُيون . ان کان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن ڏيپلي کان موٽيا هئاسين، تڏهن سج دير سان اُيريو هو ۽ اسان "تڙڪول" ۽ "گوچار" جا نظارا ڏٺا هئا. "تڙڪول"، پٽ جي انهيءَ پاسي کي ٿي چيائون، جتي سج اُيرڻ سان اُس جو تڙڪو ٿي پيو ۽ "گوچار" پٽ جي ان پاسي کي ٿي چيائون، جنهن تي سج لٿي مهل پويون شعاع پئي پيو. اسلام ڪوٽ ڏانهن ويندي اسان ڏٺو تہ تَرايون ۽ ٿويا ۽ ڏُہا پاڻيءَ سان پرجي ويا هئا. اسان جي ساٿي چانگ اسان کي ٻڌايو تہ ماڻهو اُهو پاڻي پيئندا رهندا آهن، توڙي اهو ڪِنو ٿي ويندو آهي ۽ ان ۾ ڪيڙا پئجي ويندا آهن. ڪيڏي نہ ڏُک جهڙي ڳالهہ آهي!

اسلام ڪوٽ ۾ نهال چند سان هُن جي اوطاق تي ڪچهري ٿي. هن چيو تہ ڪلهہ کان "آپوميو" آهي يعني آڪاس جو رنگ گهاٽو نيرو ٿي ويو آهي ۽ ڪڪر هيٺ ٿا نظر اچن. اهي ٿري لفظ مون کي ايترو وڻيا، جو منهنجي شعور کي "جرهيڙيءَ" وانگر پڙ ڏئي ويا. "جرهيڙي" قوسِ قزح کي چوندا آهن. پوءِ اُنهن لفظن مان ڪجهہ لفظ مون "وڃون وسڻ آئيون" ۾ ڪم آندا ۽ ڪجهہ اجا تائين ڪم آڻيندو رهيو آهيان ۽ منهنجي لغت جو حصو ٿي چُڪا آهن. شاعري هونءَ تہ شاعر جي تصور تي مدار رکندي آهي، پر هن جيڪي ڏيک ڏٺا هوندا آهن يا هن کي جيڪي تجربا ٿيندا آهن، سي اُن تصور جي پس منظر ۾ لازمي طور هوندا آهن. جرمن شاعر رلڪي چيو هو تہ:

"ڪڏهن ڪڏهن شاعر جي تجربن کي شاعريءَ ۾ اظهار لاءِ چاليهہ سال لڳي ويندا آهن."

فرينچ شاعر بودليئر کي هڪ پيرو شوق ٿيو ۽ هو هندستان ۾ فرينچ ڪالوني "پانڊيچري" ڏسي. پوءِ هو ان سفر لاءِ پاڻيءَ جي جهاز ۾ نڪتو پر پونوچ سمنڊ ۾ جڏهن هن جو جهاز ماريشس وٽ پهتو تڏهن هو اُتي لهي پيو ۽ فرانس موٽي ويو. هن کي سفر سُڦر تي نظر آيو پر سمنڊ تي هن سج اُڀارَ جا جيڪي نظارا ڏٺا يا پاڻيءَ ۾ سج ٽُبڙڪو ڏيندي ڏٺو اهي هن جي شاعريءَ ۾ واري واري سان تشبيهہ ۽ استعاري جو يا پيو روپ وٺي، اظهاربا رهيا. ٿر ۾ غروب ۽ طلوع سان منهنجي شاعري بہ سٽي پئي آهي. "ٿر سيمينار" تي ٽيپ ڪرايل پنهنجي تقرير ۾ بہ مون ڪجهہ اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي. جڏهن مان وائيس چانسلر هوس تہ منهنجو من وارياسي وانگر هو جو برسات لاءِ سِڪندو آهي. چارئي سال آسمان ۾ اَچاڻ تي مائل اوچائي نظر آئي هئي، پر شعر جي برسات نہ پئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن روح ۾ تاڙو تنواريندو هو ۽ مور دانهون ڪندا ها، پر روح مينهن ڦُڙيءَ لاءِ واجهائيندو هو. اهي نوڪريءَ وارا چارئي سال مون لاءِ اگهاڙا سال هيا ۽ اِهو محاورو ٿر ۾ ڏڪار لاءِ استعمال ڪندا آهن. مان هونءَ تہ ڪڏهن بہ پٺائيءَ وانگر محسوس نہ ڪيو هو تہ:

"مون کي ڏنءُ ڏئي، ڊوليو ڊٺ قراريو"

آخر مينڊرو مومل کان سواءِ ڇا آهي؟ ڇا هو ڪيس ڏنءُ ڏئي، ڊٺ ۾ قرار پائي سگهندو آهي؟ ڇا شاعر ذات کي ڇڏي ڇٹن پائي سگهندو آهي. پر اهي چارئي سال مون تي مٿين ست ڇانيل رهي. مون پنهنجو ڏاڍو وَس ڪيو پر نوڪري منهنجي وَس جي ڳالهہ نہ هئي. وڪالت ۾ ڪيترين بہ مجبوريون هيون، پر مان آزاد هوس، منهنجو روح آزاد هو منهنجي شاعري آزاد هئي ۽ بقولِ حافظ:

فاش مي گويم و از گفتۂ خود دلشادم
بندۂ عشقم و از هر دوجهان آزادم.

(مان کليو ڳالهائي رهيو آهيان ۽ پنهنجي ڳالهہ ۾ خوش آهيان، مان عشق جو بندو آهيان ۽ ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان.)

ڪيترا نہ وڪيل ۽ جج منهنجا وڪالت ۾ دوست هيا. ڪيترا نہ

پوليس ۽ جيل جا ۽ ٻيا آفيسر جي سکر جيم خاني جا ميمبر ها، منهنجا واقفڪار يا يار ها! ڪيترا نہ هاري ۽ وڏيرا ۽ شهري ڏنڊوڙي ۽ ڏڪاريل، لوبل لتاڙيل عورتون منهنجون مُوڪل هيون. هو منهنجو جونيئر غلام مصطفيٰ شاهہ جو پوءِ سنڌ جو لا سيڪريٽري ٿيو ۽ جوانيءَ ۾ گذاري وَيو هو علي بخش ميمڻ، جو انهيءَ سان گڏ رهندو هو ۽ هاڻي غالباً خيرپور يونيورسٽيءَ ۾ سيڪريسي آفيسر آهي. جمال صديقي، جو منهنجو ڪلاس فيلو ۽ ڪراچيءَ ۾ پارٽنر هو. جمال صديقيءَ جو ذڪر نڪرڻ سان مون کي اها رات ياد اچي رهي آهي، جا اسان ٽئي ۾ ابراهيم جوئي جي جاءِ تي گذاري هئي، جڏهن هو اُتي هيڊ ماستر هو. اسان شام جو مڪليءَ تان ڦري ڪنهن تلاءَ وٽ آيا هياسين، جڏهن اُن ۾ سج ٻڏي رهيو هو. پر تي وڻ بيٺا هيا، جن جا پاڇاوان تلاءَ ۾ پئجي رهيا ها. پوءِ مون ۽ جمال ٺٽي جي موتئي جا هار ونيا، ڏهين بجي رات تائين ٺٽل ڳلين ۾ آواره گردي ڪئي هئي ۽ نيٺ هڪ ڳليءَ ۾ پنهنجي منزلِ مقصود تي پڳا هُياسين ۽ بہ چند جهڙا چهرا ساٿ ڪنياهياسين. وڌيڪ ڇا چئجي؟ هن عمر ۾ تہ جوانيءَ جون ڳالهيون زبان تي بہ آڻي نہ ٿا سگهون! پر اها چانڊوڪي رات ۽ اُن ۾ ٿيل حادثا منهنجي شاعريءَ جو اَٽوٽ انگ آهن. ڪيترا حادثا مون کي زندگيءَ ۾ پيش آيا آهن، گهٽ ۾ گهٽ انهن تي پنڇي ٻولي رهيو آهي ۽ پنهنجا رنگين پَر پسائي رهيو آهي. ٺٽي ۾ مون کي ٻيو بہ ڏينهن نہ وسرندو جڏهن مون جمعيت الشعراءِ جي جلسي ۾ ٻاوهين ورهين جي عمر ۾ بہ ڪلاڪ جديد شعر وادب تي تقرير ڪري، اُن وقت حاضر غزل گو شاعرن کي چيو هو تہ ''اوهان وقت وڃائي رهيا آهيو.'' تڏهن ابراهيم جي ڦوهہ جواني هئي. هن جي ڀرين زال گذاري چُڪي هئي ۽ اجا ٻي شادي نہ ڪئي هيائين. هڪ شاگرد پنهنجي ڪافي خوبصورت بيوه ماءُ سان هن وٽ ايندو هو. (پر مان هن سان زيادتي ڪري رهيو آهيان، پل هو پنهنجي آتم ڪهاڻي پاڻ لکي.)

مرحوم جمال صديقيءَ کي ياد ڪري مون کي هن جو ڀاءُ قادر صديقي ٿو ياد اچي، جو هن وقت سنڌ گورنمينٽ ۾ لا سيڪريٽري آهي ۽ شمس صديقيءَ جو ڀاءُ آهي جا اردو اديب باقر رضوي چواڻيءَ ''اردو زبان جي نهايت باشعور ماهر آهي، ۽ شايد واحد سنڌي عورت آهي، جنهن کي اردوءَ تي ايترو عبور حاصل آهي.'' قادر سان گڏ حبيب الله، نظام بلوچ (جي هئي سکر هاءِ ڪورٽ

بار جا پريزيڊنٽ رهيا آهن. نظام تہ پوءِ پليجي صاحب جي عوامي تحريڪ جو جنرل سيڪريٽري هو ۽ ويڇهڙائيءَ ۾ اُن تان استعفا ڏني اٿائين) حبيب الله منهنجي پڦاٽ مرحوم صبغت الله جو پٽ آهي ۽ هن جو دوست محمود صديقي، جو هاڻي مشهور ٽي- وي ايڪٽر آهي ۽ پياري سنڌي لهجي ۾ اردو ڳالهائيندو آهي، اُهي ڪڏهن مون سان ڪچهريون ڪندا ها. انهن سان بہ پنجابي پينرون بہ صحبت ۾ شريڪ هونديون هيون، جي پنهنجيءَ ذات ۾ ڪائنات هونديون هيون ۽ مجسم هير وارث شاهہ لڳنديون هيون.

مرحوم حنيف منگي، جوبہ هاءِ ڪورٽ جي بار جو صدر هو ۽ تقرير ائين ڪندو هو جڻ يتيم جو مٿو ڪوڙي رهيو آهي ۽ جنهن مون سان صلاح ڪري پاڪستان جي اڳين پريزيڊنٽ ۽ هاڻوڪي سينٽ جي چيئرمن وسيم سجاد کي سکر بار ۾ گهرايو هو ۽ هن جو دوست ٿي ويو هو. منهنجو مرحوم دوست رشيد پٺي، جو وڪالت گهٽ ڪندو هو ۽ جنهن جون ٻيون مصروفيتون گهڻيون هونديون هيون. آغا بدر جو منهنجو شاگرد رهيو هو ۽ سکر جو مسولني هو جنهن جو ذڪر مون ”ساهيوال جيل جي ڊائريءَ“ ۾ ڪيو آهي. هن جو پياءُ آغا سيف الدين، جو سکر پيپلز پارٽيءَ جو اهم رڪن آهي، هن کي عجيب طنز ۽ مزاح جي حس آهي. جڏهن مون کي ون يونٽ دوران ساهيوال جيل ٽي موڪليائون تہ سکر پوليس اڳيان پيش ٿيڻ کان اڳ،مان سکر بار ۾ تقرير ڪري رهيو هوس، تڏهن هن چيو هو: ”شيخ صاحب، تون بہ بجليءَ جي تار تي گٽار هلائي رهيو هئين! جهٽڪو اچي ويئہ.“

هن جي والد مرحوم خانبهادر نظام الدين خان کي بہ ساڳيو طنز جو حس هوندو هو. جو سلطان ڪوٽ جو وڏو زميندار هوندو هو. سنڌ جي پهرين گورنر سر غلام حسين جو رشتيدار هو ۽ سکر ۾ نهايت خوشحال زندگي گذاريندو هو. هو وسڪي مٽيءَ جي ڪُمري ۾ پيئندو هو تہ جيئن ڪنهن کي پتو نہ پئي تہ هو ڇا پي رهيو آهي. هڪ پيري منهنجو ۽ رشيد پٺيءَ جو دوست مقبول صديقي، جنهن سکر مان اخبار ”محفل“ ڪڍي هئي ۽ پوءِ روسي سفارت خاني ۾ ملازم ٿيو هو جو ڪافي ٿلهو هوندو هو جڏهن مون سان گڏجي مرحوم آغا نظام الدين وٽ چندي لاءِ هليو تڏهن مرحوم هُن کان پڇيو: ”پٽ! تون ڇا ڪندو آهين؟“

مقبول جواب ڏنو: ”سائين! مان سکر ميونسپالٽيءَ ۾ ڪلارڪ آهيان.“

"ڪلرڪ؟"مرحوم آغا چرڪ ڀري چيو: "ايڏو ٿُلهوا!" جواب ٻڌي مقبول کي همت ئي نہ ٿي تہ هن کان "محفل" لاءِ چندو وٺي.

هڪ ڀيري مان آغا صاحب وٽ ويٺو هوس. مون کان اڳ هُن وٽ هن جو هڪ هاري ويٺو هو، جو سلطان ڪوٽ مان هُن سان ملڻ آيو هو. اوچتو اِنهيءَ هاريءَ مرحوم خانبهادر کي چيو: "سائين! ڏاڍي بُک لڳي آهي، چار آنا ڏيو تہ ڀڳڙا وٺي کاوان."

خانبهادر ناهوڪي موڙي تي ويٺو هو تنهن کيسي مان پائلي ڪڍي، هُن ڏانهن ڦِٽي ڪئي، جا رڙهندي وڃي ڀِٽ سان لڳي. خانبهادر ڏاڍو ڳورو مڙس هو پر پوءِ بہ پاڻ موڙي تان اٿي، هن اها پائلي کڻي هاريءَ کي هٿ ۾ ڏني هئي. مون کي سندس نهٺائي ڏاڍي وڻي هئي. جڏهن هاري پائلي کڻي هليو ويو تڏهن مون خانبهادر کي چيو: "سائين! اوهان پاڻ تڪليف ڇو ڪئي، پائلي هاريءَ جي ويجهو تہ پئي هئي، هو پاڻ کڻي وٺي ها." خانبهادر ٽهڪ ڏئي چيو: "بابا! مون تڪليف ڀِت جي رنگ بچائڻ لاءِ ڪئي. هاري هو بُکيو سو رانيوٽا پائي پائلي کڻي ها ۽ منهنجي ڀِت تي نئون ڏنل رنگ خراب ڪري وجهي ها." پوءِ هن نڪر جي ڪُمري ۾ اڌ پيگ وسڪيءَ جو وجهي، اُن ۾ پاڻي وڌو ۽ مون کي ڏنو.

خدا جي مرحوم تي رحمت هجي; هڪ نهايت خوش طبع انسان هو.

آغا سيف الدين جو ڀيو ياءُ آغا نظر علي، جو سلطان ڪوٽ ۾ پنهنجي فصل جو حصو وٺي لنڊن هليو ويندو هو ۽ باقي سال اُتي گذاريندو هو. جنهن سان گڏ مون سال 1976ع ۾ لنڊن جي هائيڊ پارڪ ۾ ڪافي بيئر پيتو هو ۽ بين الاقوامي سياست تي بحث ڪيو هو. ڪهڙا نالا وٺي ڪهڙا وٺان. سائين شمس الدين، جنهن جي باري ۾ مون اڳيئي لکيو آهي، جو ڏهن سالن کان اٿندي ويهندي اسٽالن تي هڪ گار لاهيندو ۽ ٻي چاڙهيندو هو. هو پهريائين ولي خان جي نيشنل عوامي پارٽي سکر جو صدر هو ۽ پوءِ سکر جي ڊسٽرڪٽ پيپلز پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ ٿيو هو ۽ ساڳي وقت نهايت مصروف وڪيل پڻ هوندو هو. هن ۾ سنڪي پڻو طعنہ زنيءَ لاءِ رغبت هوندي هئي. تاريخ ۽ فلسفو هن جو مرغوب مطالعو هوندو هو. هن کي پنهنجي بہ سٺي لائبريري هوندي هئي، وِل ڊيورانٽ جو مداح هو ۽ گهڻو ڪري هن جا سڀ ڪتاب پڙهيا هيائين. هن مون کان راڌا ڪرشن جا هندي فلسفي تي

انگريزي ڪتاب وٺي پڙهيا ۽ انهن کان بيحد متاثر ٿيو. جڏهن اسان ڪيس هلائي اچي بار روم ۾ ويهندا هياسين، تڏهن هو گهڻو ڪري سياست، تاريخ ۽ فلسفي تي ڳالهائيندو هو جو ٻيا ٻُڌي بور ٿيندا ها. جيتوڻيڪ مان ڪيس نهايت دلچسپيءَ سان ٻڌندو هوس. شروع ۾ مون هن سان گڏجي "روشني" اخبار ڪڍي هئي، جنهن ۾ پنهنجي ڪهاڻي "فيروزان" شايع ڪئي هئي. اها اخبار "المنار" پريس سکر مان نڪرندي هئي، جنهن جو مالڪ رشيد پٺيءَ جو پيءُ مرحوم مولوي عبدالحميد هوندو هو.

فتاح ملڪ، جو مشهور شاعر ۽ منهنجو پاڙيسري وڪيل هو ۽ جو اڄا تائين منهنجي آفيس جي پرسان وڪالت ڪري رهيو آهي. سندراڻي وڪيل هوندو هو جو چڱو زميندار هو ۽ تفريحاً وڪالت ڪندو هو. مان ڪيس مرڪندي چوندو هوس: "هن پاڪستان ۾ ٻہ عجوبہ روزگار آهن. هڪ سندراڻي، ٻي جنرل راڻي (جا يحيىٰ خان جي محبوبہ هئي)" هو اها ڳالهہ خوش خلقيءَ سان لنوائي ڇڏيندو هو. حليم پيرزادا جو اڳينءَ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر هو هينئر تازو ڪيس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ائڊووڪيٽ جنرل جي عهدي تان هٽايو ويو آهي ۽ هن جو دوست امداد اعواڻ، جو ڪيئي پيرا ڊسٽرڪٽ بار ائسوسئيشن جو پريزيڊنٽ ٿيو هو ۽ پراوينشل بار ڪائونسل جو ميمبر هوندو هو ۽ هاڻي سينيٽر چونڊيو ويو آهي، سي بہ اهم وڪيل ها. انڪم ٽئڪس جو ماهر مرحوم ڪامريڊ عثماني، جو سکر نئشنل عوامي پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل هو نهايت پڙهيل ڳڙهيل مهاجر هو جو اسان وانگر سنڌي ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجي گهر جو نالو "شانتي ڪُنج" رکيو هيائين. هو ڪميونسٽ هو ۽ ون يونٽ وقت بہ ٽي پيرا ڪامريڊ جتوئيءَ جي دعوت ڪئي هيائين. گل خان نصير هن جو دوست هو ۽ ڪامريڊ نازش بہ هن جو دوست هو جو سدائين انڊر گرائونڊ هوندو هو ۽ جنهن کي لينن ڪٽ ڏاڙهي هئي ۽ هن وانگر لڳاتار پائيپ پيئندو هو. هميشه مزدور تحريڪ جا قصا ڪهاڻيون ايئن ٻڌائيندو هو جڻ تہ اسان اندران در کي ڪڙو ڏئي ويٺا آهيون ۽ ٻاهران لينن در کڙڪائي رهيو آهي، جڙو در کولڻ جي دير آهي. هن وٽ ڊاڪٽر اعزاز نظير، برڪت علي آزاد ۽ ٻيا ڪامريڊ بہ ايندا ها ۽ هو پنهنجي گهڻي ڪمائي ڪميونسٽ پارٽيءَ تي وڃائي ڇڏيندو هو.

غالباً ڪامريڊ عثمانيءَ جي ذريعي منهنجي واقفيت؛ عبدالغفور عابد جوٽيجي سان ٿي هئي، جو ان وقت سکر ۾ انڪم ٽئڪس آفيسر هو. هو سٺو شاعر آهي ۽ علم ادب سان هن جو لڳاءُ رهندو آيو آهي. سندس والد مرحوم مولوي احمد ملاح جو دوست هيو جو بدين جو هڪ صاحبِ طرز شاعر هو ۽ جنهن جي شاعريءَ ۾ درياهہ جي رواني هئي. جوٽيجي صاحب مون کي احمد ملاح جا سيئي ڪتاب تحفي طور ڏنا ها، جي مون غور سان مطالع ڪيا ها. هو هڪ موحد هو. حيرت جي ڳالهہ تہ اِها آهي هن قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو هو ۽ سو بہ بيتن ۾! پر اُهو ترجمو جوٽيجي صاحب مون کي نہ ڏنو ڇو تہ اُن وقت هن وٽ اُن جي ڪاپي نہ هئي. هاڻي جڏهن جوٽيجو صاحب، سنڌ جو انڪم ٽئڪس ڪمشنر ٿي ڪراچيءَ آيو تہ هو ڪجهہ وقت اڳ مون وٽ آيو هو. مون ڏٺو تہ هن جو مذهبي مطالعو نهايت گهرو ٿي ويو آهي ۽ هو نبيءَ اڪرم صلي الله عليہ وسلم ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه کان وٺي امام الهند شاهہ ولي الله ۽ هن جي فرزند شاهہ عبدالرحيم تائين نهايت فصاحت سان ڳالهائي ٿي سگهيو.

هن مون کي ڳالهہ جو ذري گهٽ تسلي بخش جواب ڏنو جڏهن مون هن کي چيو:

”جوٽيجا صاحب! مون قرآن شريف ۾ بہ پيرا پڙهيو آهي تہ ”مان اوهان کي بار بار زنده ٿو ڪريان“ مذهبن جي تقابلي مطالعي وارا ان کي تناسخ جي نظرئي جي تائيد ٿا سمجهن. اوهان جو ڇا خيال آهي؟“

هن يڪدم جواب ڏنو

”ائين نہ آهي تہ ننڊ ننڍو موت آهي! ڪنهن کي خاطري آهي تہ هو ننڊ مان اٿندو بہ يا نہ. سو الله تعاليٰ انسان کي جڏهن بار بار ننڊ مان اٿاري ٿو تڏهن ڄڻ هن کي بار بار زنده ڪري ٿو.“

ڪائنات جي وسعت تي ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو تہ ”جيڪو قادر مطلق آهي،اهو هڪ ڌرتيءَ سان مطمئن هوندو؟ انهيءَ ڪروڙين ڌرتيون پيدا ڪيون هونديون، جتي ذي شعور مخلوق رهندي هوندي“

مون ٿورا سرڪاري آفيسر ڏٺا آهن، جي هن وانگر مذهب تي ڳالهائيندا هجن. هن جي وڃڻ کان اڳ مون کي اوچتو خيال آيو: ”جو قادرِ مطلق آهي، اهو وڏي موت مان بہ تہ بار بار اٿاري سگهي ٿو!!“

پر هن چيو تہ، ”نہ. اسلام تناسخ کي نہ ٿو مڃي.“

ڪامريڊ رڪن الدين قاسمي بہ سکر ۾ وڪالت ڪندو هو. هن پوءِ پنهنجي نياڻي چام ساقيءَ کي نڪاح ۾ ڏني. ڪامريڊ حسن حميدي، جو نہ فقط هڪ چڱو وڪيل هو پر اردوءَ جو ڪافي چڱو ترقي پسند شاعر هو. هن کي اردوءَ تشبيهہ ۽ استعاري تي وڏي مهارت هئي ۽ هن هڪ پورو نظم جو ڪتاب ڪامريڊ نذير عباسيءَ جي شهادت تي لکيو آهي. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ رسالي ”طلوعِ افڪار“ جنهن فيض ۽ سبطِ حسن نمبر ڪڍيا هئا، تنهن حسن حميدي نمبر بہ ساڳي آب تاب سان ڪڍيو آهي. ”طلوعِ افڪار“ مظهر جميل، مسلم شميم ۽ نڪهت بريلوي ڪڍندا آهن، جي منهنجا پراڻا دوست آهن. مظهر جميل مون سان گڏ سکر ۾ وڪالت ڪندو هو. هاڻي يو.بي. ايل جو وائيس پريزيڊنٽ آهي، جنهن جو ڪنهن وقت صدر مقبول سومرو هيو. جو بہ پهريائين سکر ۾ وڪالت ڪندو هو رشيد ڀٽي ۽ حنيف منگيءَ جو گهرو دوست هو.

حسن حميدي منهنجو دوست ۽ ساٿي هو ۽ سٺو شاعر بہ هو. ان ڪري هن جا ڪجهہ شعر هيٺ ڏيان ٿو:

ہے ششدر وقت کا بوڑھا مورخ،
نئی تاریخ کے اوراق ہیں یہ [1]

میں اُن سے ملتا ہوں اکثر
پسینے کے ہری کھیتی سے جو نغمہ اگاتے ہیں
زمین کا بوجھ اُٹھا کر موسموں کے ساتھ کھلتے ہیں
ہمیں لکھنا سکھاتے ہیں [2]

---

[1] ترجمو: وقت جو پوڙهو تاريخ نويس ششدر آهي.
هي نئينءَ تاريخ جا ورق آهن.

[2] ترجمو: مان انهن سان اڪثر ملندو رهندو آهيان.
پنهنجي پگهر جي سائي پوک مان جي گيت پوکن ٿا.
۽ ڌرتيءَ جو بوجهہ کڻي هر رُت سان گڏ ڦٽي پون ٿا
۽ اسان کي لکڻ سيکارن ٿا.

ہم ایک اندھے کنویں کے قیدی
گرفت دیوار اتنی محکم
خیال جنبش سے جان نکلے [1]

انهيءَ ساڳيءَ نظم ۾ آهي:

اسی کنویں کی منڈیر پر اب
نئے درختوں کے بازوؤں میں
دھنک، شفق، تتلیاں شگوفے
نئی فضا باثمر بنی ہے
زمیں قدموں کی ہم سفر ہیں
موت جس کو کہتے ہیں
اک فریب مخمل ہے
موت ایک لمحہ ہے
زندگی مسلسل ہے [2]
میں تمہارے پیکر میں
کائناتِ فردا ہوں
میں ثبات عالم ہوں
میں حیات فردا ہوں
میرے پھول سے بچو! [3]

---

[1] ترجمو: اسان هڪ انڌي کوهه جا قيدي
يت جي پڪڙ ايتري ڪٺن آهي
جو ڏيان جي چرپُر سان ساهه تو نڪري

انهيءَ کوهه جي ڀني تي
نون وڻن جي ٻانهن ۾
وَنَ، جرهيڙيءِ پوپٽ، مکڙيون
نئون وايو منڊلَ ڦلندو ڏنو آهي
۽ ڌرتي وِکن سان گڏ واتهڙو آهي."

[2] ترجمو: جنهن کي موت چون ٿا
هڪ دوکو آهي
موت ته هڪ پل آهي
زندگي سانده آهي.

[3] ترجمو: مان اوهان جي سرير ۾

## ڪتي نہ پهچبو تڪ مسافر

تمہارے دادا، تمہارے نانا،
تمہارے ابو نے سب نے مل کر

نہ جانے کتنے دنوں کی اذیتوں سے
لہو کو دریا کے آبشاروں سے
اپنے اسلاف کے مزاروں سے
بس ایک چڑیا دعامیں مانگی[1]
نسیم بہار جیسی
تبسم لالہ زار جیسی
ترنم صدا ہزار جیسی[2]

کہاں ہے چڑیا
انوکھی چڑیا
ترنم صد ہزار جیسی حسین چڑیا
ہمیں بھی اُس کی جھلک دکھادو[3]

---

سياڻي جي سرشتي آهيان
مان هن سنسار جي امرتا آهيان
مان ئي نئوجيون آهيان،
منهنجا گلن جهڙا هارڙؤ

[1] ترجمو: اوهان جي ڏاڏي، اوهان جي ناني ۽ اوهان جي پيءُ سڀني گڏجي
نہ ڄاڻان ڪيترن ڏينهن جون پيڙائون سٺيون هيون
لهوءَ جي درياهن کان، جهرڻن کان
پنهنجي وڏڙن جي ٻُنين کان
بس، هڪ جهرڪڙي دعا ۾ گهري وتي.

[2] ترجمو: پرهہ جي هِير جهڙي
ڦلواڙيءَ جي مُرڪ جهڙي
سو بُريلين جي لانڍ جهڙي

[3] ڪٿي آهي اُها جِهرڪڙي
انوکي جِهرڪڙي
سون بُريلين جي لانڍ جهڙي لاڏلي جهرڪڙي
اسان کي اُن جي جهلڪ ڏيکار،

میں آج زنداں کی تنگ کھولی میں سوچتا ہوں
نہ جانے ذہنوں کی سادگی کو
کہانیوں کی خمار آلود خواب گاہوں سے
کس صدی میں اماں ملے گی[1]

نظامِ جمہور کیا بھی ہے؟ سروں پہ تلوار ناچتے ہے
ہر ایک در پر، ہر ایک گھر میں بلائے خونخوار ناچتے ہے۔[2]
لب ہوں خاموش، تو زخموں کی دھن بولتے ہیں
بولنے والے سر دار ور سن بولتے ہیں[3]

حسن حميدي نہ رڳو منهنجو دوست هو پر منهنجو پاڙيسري بہ هو. هُن جو گهر ۽ آفيس منهنجي پراڻي سکر واري گهر کان پنجاهہ قدمن تي هئا. هو ون يونٽ واري دور ۾ ولي خان ۽ محمود علي قصوريءَ جي آل پاڪستان نيشنل عوامي پارٽيءَ جو جوائنٽ سيڪريٽري هو ۽ اُن وقت ولي خان ۽ قصوريءَ جا مون سان ڪافي تعلقات هئا. مرحوم ڊاڪٽر نحسان (ڪراچيءَ ۾ فيض واري اُردو ڪاليج جي وائيس پرنسپال)، اجمل خٽڪ، گل خان نصير، حسن حميديءَ، مون ۽ ابراهيم جوئي عوامي ادبي انجمن جو سکر ۾ گڏجي منشور ٺاهيو هو جو ضميمي جي حيثت ۾ هن ڪتاب سان گڏ آهي.

پراڻي سکر ۾ منهنجو گهر مهاجرن جي پاڙي ۾ هو. چوڌاري پنج هزار مهاجر رهندا ها. هونءَ تہ انهن سان رستو چڱو هوندو هو وڪالت جي معاملي ۾ يا ٻئي ڪم ڪارِ ۾ منهنجي مدد ونندا ها. جيتوڻيڪ منهنجي

1 مان بندي خاني جي تنگ ڪوليءَ ۾ سوچان ٿو
نہ ڄاڻان چت من جي پورڙائيءَ کي
مدماتن سپنن جي سيج ڪان
ڪهڙي صَديءَ ۾ سَرَن ملندي؟

2 جمهور جو نظام ڇا اِهو آهي؟ سِرَن تي تلوار نچي ٿي
هر هڪ در تي، هر هڪ گهر تي هڪ خونخوار بَلا نچي ٿي.

3 چَپ چُپ هوندا آهن تہ ڦٽن جا مُنهن ڳالهائيندا آهن.
ڳالهائيندڙ ڦاسي جي رسي تان بہ ڳالهائيندا آهن.

خلاف پروپيگنڊا اها هوندي هئي تہ مان دهريو آهيان ۽ پراڻي سکر جي مسجد ۾ ڪڏهن بہ نماز نہ پڙهي اٿم ۽ نہ ڪڏهن عيدگاهہ ۾ ڏٺو ويو آهيان. ها! ڪڏهن ڪڏهن نماز جنازه ۾ شريڪ ٿيندو آهيان، جنهن ۾ جُهڪڻو نہ پوندو آهي. دراصل مون کي جوانيءَ ۾ گوڏن ۾ سور پوندو هو ۽ نماز پڙهندي جهڪڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. هونءَ بہ مان مذهبي رسومات کي زياده اهميت نہ ڏيندو هوس ۽ ڪائنات ڏانهن منهنجي نڪتہِ نگاهہ هڪ صوفيءَ واري هئي. متي- ٺيڪ نہ مون ڪلهہ ڪئي هئي، نہ اڄ ڪندو آهيان. منهنجو خدا جو تصور صوفيانہ ۽ فلسفيانہ آهي. مان مڃان ٿو تہ اهو تصور قلب کي ايتري تسڪين نہ ٿو آڇي ۽ اُن جو ايترو پرجهلو نہ آهي، جيترو مصلي تي ڪنهن جي حضور ۾ سجده ريزي آهي، پر مان ڇا ڪريان، مان پنهنجي فطرت بدلائي نہ ٿو سگهان.

مون ڳالهہ تي ڪئي تہ جڏهن ايم. ڪيو. ايم جا جلسا پراڻي سکر ۾ ٿيڻ لڳا تہ پهريون تہ اُهي خاموشيءَ سان ڪيا ويندا ها، پر پوءِ ايم. ڪيو.ايم جو اصل مقصد ظاهر ٿي پيو ڇو تہ اُنهن بي انداز هٿيار ڪٺا ڪيا. هڪ ڀيري مان حسن حميديءَ جي گهر ويس. هن جي سورهين سترهين ورهين جي ڌيءَ، جنهن جي ڪراچيءَ ۾ شادي ٿيل هئي ۽ شايد مون کي نہ ٿي سڃاتائين، پيءُ کي چئي رهي هئي: "اَبو! اسان هنن سنڌين کي ايئن ختم ڪري ڇڏينداسين، جيئن ريڊ انڊين ختم ڪيا ويا ها. هونءَ بہ هي ڪائي مهذب قوم نہ آهن." حسن حميديءَ منهنجو هن سان تعارف ڪرائي چيو: "اياز! هن کي خبر نہ آهي تہ اسان گڏجي سنڌ جي صوبي جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي ۽ هتي ڪوبہ فاشزم برداشت نہ ڪنداسُون." هوءَ ڇرڪي چُپ ٿي وئي. مان حسن حميديءَ کان ٿوريءَ دير ۾ موڪلائي گهر آيس، هو اُن وقت ڪراچيءَ مان ڇوٿين هارٽ اٽئڪ جو علاج ڪرائي گهر آيو هو. ڪجهہ مهينا پوءِ مون کيس هاءِ ڪورٽ ۾ ڏٺو جنهن بعد هو پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو تہ هن کي دل ۾ سور پيو ۽ گهر ويو تہ گذاري ويو. مان هن جي تڏي تي ويو هوس.

ڇگُو جو حسن حميدي، فيض ۽ سبطِ حسن وانگر يو. ايس. ايس. آر جي ٽٽڻ کان اڳ مري ويو. هو خوابن جي دنيا جو رهواسي هو هن پنهنجي آدرش لاءِ قيد بند ڏٺا ها ۽ صعوبتون سٺيون هيون. هن جا سڀ خواب ڇڪنا چور

تي وڃن ها ۽ هو دلشڪستو ٿي مري ويجي ها. ڪامريڊ عثماني بہ پوري وقت تي مري ويو. جيتوڻيڪ اُن وقت ۾ گورباچوف جو ڪتاب ”پيرسترائڪا“ اڃي چڪو هو ۽ جنهن وقت هو ان باري ۾ ڊاڪٽر اعزاز سان ڳالهائي رهيو هو تہ مان وينو هوس. مون کي ائين محسوس ٿيو تہ هو اجا ڏنڊ جي دنيا ۾ آهي ۽ ٻين ڪميونسٽن وانگر حقيقت کي نہ ٿو ڏسي. اُن وقت ڪنهن بہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبر جي خواب خيال ۾ بہ نہ ٿي اچي سگهيو تہ ڪميونزم ڦڙڪي جي گهر وانگر ڦهڪو ڏئي ڊهي ڍير ٿي پوندي، جي ماياڪوفسڪي ختم ٿي ويو. پال اليوار لوئي آراگون ۽ ڪٽاسي موڊو جي ڪميونسٽ شاعري ختم ٿي وئي ۽ وڃي سرئيلسٽ شاعري رهي، جي اٽيلاجوزف جي شاعري بي معنيٰ ٿي وئي، شولوخوف ۽ اليڪسي ٽالسٽاءِ جا ڪميونسٽ ناول اهميت وڃائي وينا تہ اُنهن جي ڀيٽ ۾ حسن حميدي ۽ فتح الله عثماني ڇا ها! (فتح الله عثماني نثر نويس هو) ائين آهي تہ ٽين دنيا ۾ استحصال اُئين ئي آهي ۽ انسان اڃا ساهہ نہ پٽيو آهي، تنهنڪري اهڙي نثر ۽ نظم جا پڙاڏا ڪجهہ وقت رهندا. اُتي بہ جڏهن ماڻهو لڪ لتاڙي اڳتي وڌيا، تڏهن اِهي پڙاڏا گم ٿي ويندا ۽ فيض جي سٽ ”هم تو تاريک راهون مين ماري گئي“ هڪ ابدي الميو ٿي اُڀري ايندي، جو ڪربلا جي اهميت جو حامل نہ آهي.

مجيب پيرزادو جو هن وقت ڪراچيءَ جو مشهور وڪيل آهي ۽ برک سياستدان حفيظ پيرزادي جو ڀاءُ آهي ۽ سنڌ جي سابق چيف منسٽر مرحوم عبدالستار پيرزادي جو پٽ آهي، منهنجو جونيئر ۽ پاڙيسري هو. نبي بخش کوسو جو ڪجهہ وقت اڳ سنڌ ۾ سيڪريٽري انفرميشن هيو ۽ هاڻي پاڪستان گورنمينٽ ۾ جٽائنٽ سيڪريٽري آهي، اهو بہ منهنجو جونيئر هو پر رنگين راتيون منهنجون غلام مصطفيٰ شاهہ، علي بخش، حبيب الله شيخ، نظام بلوچ، غني شيخ (ڳاڙهي موري، تعلقي خيرپور وارو ۽ پاڪستان جي اڳئين ڊفينس منسٽر جناب غوث علي شاهہ جو پاڙيسري) ۽ فتاح ملڪ سان گذرنديون هيون، جي سڀئي بلا نوش ها ۽ ساڳئي وقت سياست ۾ ڪافي فهم وفراست رکندا ها ۽ هنن جي ادب سان بہ خاص ڪري نظام ۽ فتاح جي گهري دلچسپي هئي.

مون کي سکر ڇڏي چار پنج سال ٿي ويا. مان جتي ٻيا سير سفر لکي

سگهان ٿو اُتي سکر کي بہ پنهنجي ڏسي سگهان ٿو. ساڳئي طرح پنهنجي ڳوٺ شڪارپور ۾ اتر جي هئي هر انهيءَ شهر کي تصور ۾ موٽي ڏسي سگهان ٿو جنهن سان منهنجو واسطو رهيو هو. اهو تہ وقت ۾ سفر آهي، جو انسان ڪهڙي وقت بہ ڪهڙيءَ جاءِ تي بہ ڪري سگهي ٿو. آخر اُهي ڏينهن جڏهن ڪانوَ جي اک نڪرندي هئي، تڏهن جيڪب آباد، گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلي، نوابشاهہ، سانگهڙ، حيدرآباد وغيره کان موٽندي، منهنجي ڪار تپي باهہ ٿي ويندي هئي، جڏهن سفر ۾ نم، سرنهن، پپل، يوڪلپٽس، ڪنديون ۽ ڪِرڙَ اونهاري جي تاڪ منجهند ۾ اڻين ٻرندا ها، جيئن موم بتين جا جهار ٻرندا آهن ۽ اڻين لڳندو هو تہ اُنهن مان نڪرندڙ اُلا اُڀ ڏانهن اُڏامي رهيا آهن، تڏهن پکي پکڻ اس جي تَوَ کان آکيرن ۾ وڃي لڪندا ها. مون کان اهي ڏينهن ڪيئن وسري سگهندا! ڪيئن وسري سگهندا اُهي ڏينهڙا، جڏهن رستي تي پاڻيءَ جي ڪَسين ۾ ڪنول جا گل ٽڙي پوندا ها ۽ چوڌاري سارين جي اوٻر ۾ ڪنگ، ٽيٽيهر، ٽٻٽيون نظر ايندڙيون هيون، جڏهن لُري لڳندي هئي ۽ ڊانديئڙن جا آکيرا ڪنڊين ۾ خالي لڙڪندا ها ۽ هوا ۾ اڻين لڏندا ها، جڻ انهن موسمي پکين کي الوداع ڪري رهيا ها، جي سائبيريا ڏانهن وڃي رهيا ها، تڏهن شڪارپور مان موٽندي مان پنهنجي دوست عبدالستار جي لکيءَ واري باغ ۾ ڪجهہ وقت زيتونن جي ڇانوَ ۾ ويهندو هوس ۽ ماڻهوءَ جي روپ ۾ هڪ تاري نظر ايندي هئي، جنهن تي بہ زيتون لڏندا ها. مون پنهنجي دوست کان ڪڏهن بہ هن جو نالو نہ پڇيو هو. اهو معلوم هو تہ هوءَ ڪائي پاڙيسرڻ هارياڻي هئي. هڪ پيري هن جي باغ جي ٻاهران اسان هڪ ڪاري جهنگ ڪُڪڙ ڏٺي، جا ملڪ سبا وانگر ٽي ٿهلي. عبدالستار پنهنجي بندوق ۾ بہ ڪارتوس وڌا، مون هن کي جهليو. ايتري ۾ جهنگ ڪُڪڙ ڪنهن ٻوٽي ۾ لڪي وئي. هن خار ۾ هڪ ٺئي فير سان باغ جي پرسان تلاءَ ۾ تيتو ماري وڌو جو هن جا هاري ڪٺي آيا. "ڏس تہ اهو نر آهي يا مادي آهي؟" توکي پتو پوندو؟ ڪائنات بندوق جي آواز سان سوال وانگر گونجي اُٿي. "ستار! تو اِهو تيتو ڇو ماريو؟ انهيءَ تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو؟"

اٽڪل بہ ٽي سال اڳ ستار خان جي پٽ جي شادي هُئي. هُن ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ دعوت ڪئي هئي، جتي اسان جو پورو خاندان هليو هو.

زالون زرق برق لباس پائي آيون هيون. هاڻي پردي جو رسم و رواج تہ رهيو نہ آهي. پرسان منهنجي ستار جو مائٽ ۽ ڳوٺائي هاءِ ڪورٽ جو رٽائرڊ جج مغل منور علي بيٺو هو جو منهنجو ڪلاس فيلو بہ رهيو هو ۽ مون کان بہ سال پوءِ سکر ۾ وڪالت ڪئي هيائين. ستار جي پُٽ جي شادي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اڳئين چيف جسٽس عبدالحي قريشيءَ جي ڏوهٽيءَ سان ٿي رهي هئي. جسٽس عبدالحي منهنجو ڪراچيءَ ۾ سال 1947ع ۾ جمال صديقيءَ سان گڏ وڪالت ۾ پارٽنر هو ۽ جڏهن مون وائيس چانسلرشپ تان رٽائر ڪيو هو تڏهن مون کي هاءِ ڪورٽ جي جج ڪري کڻڻ جي سفارش ڪئي هيائين.

ستار مون کي ڏسي چيو: "اياز صاحب، هي جيڪي هار سينگار ڏسين ٿو انهن تي بيوٽي پارلر جو ڪيترو خرچ ٿيو هوندو؟ تو اسان بہ ڏينهن گذاريا ها. هي تہ سارو ڪيل آهي." "ستار خان! هي ساري زندگي ئي ڪيل آهي." مون جواب ڏنو. اها ڳالهہ ستار کي واهولي جي ڏڪ وانگر لڳي. ان کان اٽڪل ڏهاڪو مهينا پوءِ ستار مون وٽ آيو هو ۽ ٻڌايو هيائين تہ هن جي زال کي جيري جو ڪينسر ٿي پيو آهي ۽ هوءَ ڳري ڪک ٿي وئي آهي. "هي ساري زندگي ئي ڪيل آهي." مون دل ۾ ورجايو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ستار خان جي پٽ ٻڌايو تہ سندس والده گذاري وئي آهي. انا لله وانا اليہ راجعون. ستار خان هن لاءِ سکر شهر جي ٻاهران ڪيڏو نہ وڏو بنگلو ٺهرايو هيو ۽ ان ۾ طرح طرح جا ميويدار وڻ لڳايا هئا ۽ مون مائيءَ کي ڏيءَ جي مڱڻيءَ تي ڪيڏو نہ خوش ڏٺو هو.

ستار خان جيتوڻيڪ وڪيل نہ هو پر منهنجي ساري وڪيل لڏي جو دوست هو جنهن ۾ غلام مصطفيٰ شاهہ، علي بخش، رشيد ڀٽي ۽ حبيب الله شريڪ هوندا هئا. اهڙو هڪ ٻيو دوست شريف خان بہ هو جو هيو تہ مهاجر، پر هن جي دوستي اسان جي سنڌي لڏي سان هُئي، جنهن ۾ فتاح ملڪ بہ شامل هو پر هن جي باري ۾ پوءِ ٿو لکان. پهريون ستار خان جي باري ۾ لکان. ستار خان سنڌو درياهہ واهن ۽ ڍنڍن ۾ مڇيءَ جا ٺيڪا کڻندو هو ۽ پيرزادي عبدالستار صاحب جي ماٺهوءَ سيٺ سلامت راءِ خلاف درخواستون ۽ تارون ڪري، پوسٽر ڪيدي ۽ اشتهار ورهائي، هُن کان سنڌو درياهہ ۾ مڇي مارڻ جو ٺيڪو کسيائين ۽ ان معاملي ۾ مون سان قانوني مشورو ڪندو هو.

دوستيءَ سبب نہ رڳو مون کي هو انهن هنڌن تي وٺي هلندو هو جتي هن جا مهاڻا ۽ مهاڻيون مڇي ماري ايندا هئا، پر مڇي توري ٺيڪيدار سان پنهنجي ڦانڊڻي بہ ڪندا هئا. مڇيون گهڻو ڪري ڏنيرا، سينگاريون، پوئڪيون ۽ ڪڳا هونديون هيون ۽ جڏهن ميربحر ڄار ڪيندا هئا تہ مڇيون ڄار ۾ ائين ڦٿڪنديون هيون، جيئن ڪتيون ڪائنات ۾ ڦٿڪنديون آهن.

هڪ ٻيري منهنجي نئين جونيئر شاهہ بخش شاهہ اسان جي پنهنجي ڳوٺ ٻلهاريءَ ۾ دعوت ڪئي هئي، جو ڪڇي جي ڪناري تي سکر کان ڏهہ ميل پري آهي. مون ڪنهن انجنيئر دوست کان لانچ ورتي هئي ۽ شاهہ بخش شاهہ ڪانسواءِ ستار خان، رشيد ڀٽي، علي بخش، غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ شريف خان ساڻ هئا. لانچ ۾ اسان وسڪي ۽ بيئر ڪافي پيتو هو باقي ستار خان تہ پيئندو ئي نہ هو. جيستائين اسان منزل تي پهتاسين، تيستائين سج پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو هو ۽ ميٽاوان پاڇاوان چيريندي لانچ ڪنڌيءَ تي پهتي هئي. اتي ڪچي جو ڳوٺڙو هو جو بہ ٻيرا پاڻيندڙ پاڻي وٺي هئي. شاهہ بخش شاهہ هڪ ڇيلي جي سَجي ڪرائي هئي ۽ ٻئي جو ٻوڙ رڌايو هيائين. ان کان سواءِ نان، پلاءُ ۽ سوجيءَ جو حلوو ڪرايو هيائين. اسان ڪنڌيءَ تي نڙ جا بيت ٻڌا، جي اُتان جي شوقين ڳائڻ ڳاتا. سنڌي شهري شاعري ڪجهہ سالن کان شروع ٿي آهي، نہ تہ لوڪ ادب ئي اسان جي شاعريءَ جو ورثو رهيو آهي. هنن اسان کي سانوڻ خاصخيليءَ ۽ مولا بخش خاصخيليءَ جا نڙ بيت ٻڌايا. جڏهن مولابخش جي هيئين سٽ ٻڌايائون:"اُتي ڏونگر ٻريون ڏياتيون، لڳي لَڪن کي لالاڻ" تڏهن مون علي بخش کي چيو تہ توري ڦيرگهير ۽ ڳَٽ سَٽ سان هن شاعريءَ کي خوبصورت بڻائي سگهبو آهي ۽ اها سٽ هيئن بہ چئي سگهجي ٿي:"ڏونگر ڏياتيون ٻريون، لڳن تي لالاڻ"

جيڪڏهن ائين پڙهي، ڪنهن کي چئجي تہ اِها سِٽ ڀٽائيءَ جي آهي تہ اعتبار ڪري ويندو! اِن سٽ ۾ شام جي ڪيڏي نہ دلڪش منظر ڪشي آهي! پرسان باهہ جا ڍانڊ ٻري رهيا هئا، جن تي ديڳڙا چڙهيل هئا ۽ انهن جون چڻنگون اُڏامي ٻاٽ انڌاري ۾ ستارن کي چٽي رهيون هيون: "جهٽ لاءِ ئي سهي، اسان اوهان کان وڌيڪ ڪارائتيون آهيون." آخر انسان جي حياتي چڻنگ جو چٽاءُ ئي تہ آهي! بلڪل ويجهو شريف خان داروغي جا

ڏنگ پي رهيو هو جيتوڻيڪ مان جام مان سِپ سِپ تي پيتي، ائين نشي ۾ اَلوٽ تيڻ ۾ ڪهڙو لُطف آهي! جڏهن هن جي ڳل ٽڙندي هئي ته پنيءَ کي ڏسي ڪوئي گاسليٽي شعر پڙهندو هو:

ساقی تجھے بنانا تھی بھٹی شراب کی
انسان بنا کے کیوں مری مٹی خراب کی!

۽ پوءِ ٺهڪ ائين ڏيندو هو جڻ هن کي چاٻي اچي وئي هئي. هن جا ٺهڪ ياد ڪري مون کي پريزيڊنٽ هائوس راولپنڊيءَ جي رات ياد ٿي اچي.

جڏهن ٻوليءَ وارا فساد ٿيا هئا، تڏهن مون کي پِتي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي نمائندگيءَ لاءِ اسلام آباد گهرايو هو ته جيئن صلاح مشورو ڪري سگهي. مان، پاڪستان جو ان دؤر ۾ لامنسٽر جناب حفيظ پيرزادو اڳوڻو سنڌ جو وڏو وزير جناب قائم علي شاهه ۽ درمحمد اوستو جو ان وقت سنڌ گورنمينٽ ۾ وزير هو اُن ٻوليءَ جي بل جي هر شق تي بحث ڪري رهيا هئاسون. مير رسول بخش ٽالپر، جو ان وقت سنڌ جو گورنر هو ۽ منهنجو يار هو اُهو به اُتي هو. يحيٰ خان جي دؤر ۾ اسان ٻئي ڪراچيءَ جيل ۾ ساڳئي سيل ۾ رهنداهياسون ۽ ڪنهن نموني ٻاهران اسڪاچ وسڪيءَ جي بوتل هٿ ڪري پيئندا هياسون. پيئڻ کان پوءِ معلوم نه آهي مير صاحب کي حيدرآباد جي ڪهڙي عاملياڻي جمنا ياد ايندي هئي ۽ هو پاڪستان کان اڳ واري دؤر جو ذڪر ڪندو هو. جڏهن سنڌ ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي فساد ٿيا هئا، تڏهن هو رهيل ٿي پنڊيءَ ۾ پاڪستان جي پريزيڊنٽ هائوس ۾ هيو ۽ هو انهيءَ ڪمري ۾ موجود هو جتي اسان بل تي بحث ڪري رهيا هياسين. دراصل اهو ڪمرو سنڊس بيڊ روم هو. مير صاحب جي اسان جي قانوني بحث ۾ ڪائي دلچسپي ڪانه هئي. اوچتو هن مون کي ٻانهن مان چڪي چيو: ”هن پلنگ تي به ٿي منٽ ليٽي پئه!“ اسان اهو دخل درمعقولات ڏسي وائڙا ٿي وياسين. اوچتو مير صاحب مون کي ٻانهن کان چڪي اُٿاريو ۽ پلنگ تائين چڪي آڻي چيائين هتي به منٽ ليٽي پئه! مون مجبوراً ائين ڪيو. ٻن منٽن کان پوءِ هن مون کي ٻانهن کان چڪي چيو: ”اياز! ڪوئي مزو آيئه؟“ مون فقط هن کي حيران ٿي ڏٺو. ايتري ۾ هن ٺهڪ ڏيئي چيو:”اياز! انهيءَ پلنگ تي يحيٰ خان بلئڪ بيوٽي(Black Beauty) سان

گڏ سمهندو هو. مون چاهيو تہ تون بہ ان جو مزو وٺي ڏس!“

اسان سيني مرڪي ڏنو ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ جنبي وياسين. گهڙي نہ گذري تہ ٺهہ ٺهہ ٿي وئي. اسان مير صاحب ڏانهن ڏٺو تہ هو خاموش هو ۽ ٺهہ ٺهہ مسلسل اچي رهي هئي. اوچتو حفيظ پيرزادي کي ڪوئي خيال آيو ۽ دور رکيل ٽيپ رڪارڊر بند ڪيائين. مير صاحب هونءَ تہ نهايت سنجيده انسان هو پر ڪنهن ڪنهن وقت هن جي خوش مزاجي حيران ڪري ڇڏيندي هئي. اُن ۾ ٺهڪن سان ڀريل ٽيپ هلي رهي هئي. مون کي هاڻي ائين لڳي ٿو تہ شريف بہ اُنهن ٺهڪن وانگر ٺهڪ ڏيندو هو. گهڻي وسڪي هن کي ٽيپ رڪارڊر ٻڌائي ڇڏيندي هئي. هن تي غلام مصطفيٰ شاهہ آلائي جو ”ٽيٽڪ خان“ نالو رکيو هو؟ شايد هو قد جو ننڍو هو ان ڪري.

هڪ ڀيري اسان ناري واهہ جي ڀهاڙين ڏانهن، هرڻن جي شڪار لاءِ ويا هياسين. مون کي پنهنجي زيڪوسلواڪيا جي دونالي بندوق هئي. دعوت ڪنهن ڪئي هئي، ياد نہ آهي. مان ڀانيان ٿو منهنجو ئي ڪو اصيل هو. شاهہ بخش شاهہ ڪانسواءِ ٻيا سيئي هياسون. ڀهرين تہ ڪار ۾ ناري واهہ جي ڪناري سان ويا هياسون. نهايت خوشگوار موسم هئي. ڪناري تي ٽالهيءَ، پپل ۽ سرينهن جا وڻ بيٺا ها. اسان ڪار هڪ ڳوٺ وٽ روڪي ۽ ميزبان جي جيپ ڪنئي هئي. ڪجهہ پنڌ تي واهيون هيون ۽ اڳتي اوچيون ڀهاڙيون، جتي هرڻ جي شڪار لاءِ لِڪي ويهڻو هو. واهن ٽپڻ لاءِ ۽ ڀهاڙن تي چڙهڻ لاءِ اسان کي اُنن ۽ گهوڙن تي چڙهڻو پيو. مان هڪ اُٺ تي وينو هوس، جو هڪ واهيءَ جي مٿان ناهيل نهايت تنگ پيچري تان وڃي رهيو هو. مون کي ان وقت ڀوءُ ٿيو تہ جي اُٺ جو پير تِرڪيو تہ منهنجي چنگهہ ٻانهن جو خير نہ آهي. مان ڪوئي عادي شڪاري نہ هوس ۽ شوقيہ ويو هوس. دراصل مون کي شڪار سان ايتري دلچسپي نہ هئي، جيتري فطري نظارن سان هئي. اهڙي طرح مان ڌهرن جي سردار عبدالرزاق ڌهر جي دعوت تي اُٻاوڙي ڪان پري ڪينجوءَ ويو هوس، جو هندستان جي سرحد ڪان ڪجهہ اوري آهي مون ماڇين جي سردار ماڇي خان جا ڪيئي ڪيس هلايا ها، هن جي دعوت تي مچ ڏانهن ويو هوس، جو سنڌ ۽ پنجاب جي بارڊر تي آهي. مون سان گڏ الهورايو مرٽاس ۽ هن جو سوٽ حاجي جاويد، (جو وڪيل هو) بہ هيا. ائين مان ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور تہ ڪيئي ڀيرا ڪيسن سان ويو هوس، پر بخشاپور جي ڊنڊ تائين

مون کي هڪ مائٽ جناب محمد قاسم گهمائي آيو هو جو گڏو بئراج ۾ ايڪس. اي اين. هوءِ جو هاڻي غالباً ڄامشوري ۾ ايس. اِي آهي.

بهرصورت مون کي اهو ڏينهن چٽيءَ طرح ياد آهي، جڏهن اسان ناري ڪان ٿورو پري هرڻ جي شڪار لاءِ انن ۾ گهوڙن تي ويا هياسين. شريف خان هڪ ٽٽون گهوڙي تي سوار هو ۽ هن کي هٿ ۾ بندوق هئي ۽ مون کي ائين ٿي لڳو تہ اسان اتر سنڌ ۾ نہ، پر تبت ۾ ٽينزنگ سان ڦري رهيا آهيون. آخر اسان پهاڙيءَ تي چِست پچائي ويناسين. مون دل ۾ دعا گهري تہ ڪوئي هرڻ پاڻي پيئڻ نہ اچي. مون کي ڪافي بک لڳي هئي، پر هين کي هرڻ جي خون جي پياس ايتري هئي، جو کين بک ۽ اڃ جو احساس ئي ڪونہ هو. مون سوچيو اهو هرڻ تہ هيو جنهن دشينت کي شڪنتلا سان ملايو هو ۽ ڪاليداس جو ڊرامو هن کان سواءِ نامڪمل رهجي وڃي ها. هرڻ_ اکي عورت مون کي ڪيڏو نہ وڻندي آهي. اهو ناممڪن آهي تہ مان هرڻ کي بندوق هڻان! سج پهاڙين تي هيٺ لهي آيو ۽ اتفاق سان هرڻ ان ڏينهن پاڻي پيئڻ نہ آيا ۽ اسان کي بک بہ ڏاڍو ستايو هو ان ڪري ڳوٺ موٽي وياسين ۽ ماني کاڌيسين. جا وڏيري اسان لئہ ڪرائي هئي. ياد نہ آهي تہ چُڪي پيتي سين يا نہ، ضرور پيتي هوندي.

سومر خان چوهاڻ ۽ هن جو ڀاءُ سچل خان چوهاڻ ٻئي منهنجا دوست ها. هن جو مائٽ عبدالستار چوهاڻ منهنجو جونيئر هو ۽ هيئنر ڪيس ائڊوڪيٽ جنرل جو عهدو ڏنو ويو آهي. سچل خان جو گهر تہ بندر روڊ تي سنڌوءَ جي سامهون هو پر هو ٻيلن جا نيڪا باگڙجيءَ ۾ ڪٽندو هو. سيئي چوهاڻ گهٽو ڪري منهنجا مُوڪل هيا. سچل خان مون کي باگڙجيءَ جي ٻيلي ۾ وٺي هلندو هو. مون اُن باري ۾ هڪ ڪهاڻي بہ لکي هئي.

انهن جوان وڪيلن سان گڏ پوڙها وڪيل هولارام، ساڌو رام. پيرزادو عبدالمجيد، شيخ غوث بخش، ڊي. پي. پي غلام قادر بلوچ، جي سڀ ڪافي وقت کان اڳ راهہ رباني وٺي چُڪا ها، سي بہ ڪڏهن ڪڏهن ياد ايندا آهن. ساڌو رام جي آفيس واليس روڊ تي هئي، جو ڪُئينس روڊ جي پٺيان هيو جتي منهنجي آفيس هئي. هن لاءِ مشهور هو تہ جي اونهاري ۾ ڪوئي ٻهراڙيءَ جو اصيل اچي هن کي منجهند جو سڏ ڪندو هو تہ ساڌو رام ٻهرين ماڙ تان پڇندو هوس: "في آندي اٿئي؟" جي اصيل چوندو هو تہ "نہ آندي

اٿم“ تہ ساڌو چوندو هوس: ”ساڌو هيئنر هيٺ نہ لهندو. ساڌوءَ جي ننڊ جو وقت آهي.“ ۽ جي اصيل چوندو تہ هن في پاڻ سان آندي آهي تہ ساڌو رام ورندي ڏيندو هو: ”ٻُڌو بابا، ٻُڌو! ساڌو ڪيئن نہ لهندو. ساڌوءَ جو پيءُ بہ لهندو!“ ساڌو رام طنزومزاح وارو وڪيل هو. شمس الدين شاهہ هن کي ڪيفِ ايران ۾ ڪيڪ پيسٽري کارائيندو هو تہ کيس چوندو هيو: ”شاهہ! جيستائين تون ڪيڪ پيسٽري کارائيندين، تيستائين مان گانڌي ۽ نهروءَ کي نہ، توکي نمستي ڪندس. مون کي کھڙي پئي آهي تہ مان هندستان وڃي گجراتي مونيون ۽ مدراسي ڍوسا کاوان.“ هو ڪڏهن ڪڏهن اسان جي آفيس ۾ ايندو هو ۽ جي هولارام نہ هوندو هو تہ هولارام جي زال سُگهيءَ سان چرچا ڪندو هو ۽ چرچي چرچي ۾ هن جي سٿر تي زور سان ڌڪ هڻي چوندو هو: ”سُگهِي! وڃائي وِڌُءِ! پيهر تہ اها ڳالهہ ٻڌاءِ“ اِهو چئي هو سگهيءَ جي سٿر کي هٿ سان زور ڏيندو هو. شايد ساڌو رام جي پنهنجي زال مري وئي هئي يا هندستان موڪلي ڇڏي هيائين.

ٻيو عجيب ڪردار منهنجو منشي ڏيون هو. هو گهوٽڪيءَ جي مُکيءَ جو پٽ آهي، پيدائشي تيمورلنگ آهي، ۽ مان هن کي منشي بدران ”مُنو شينهن“ ۽ ڏيون بدران ”اي ون“ (A-one) ڪوٺيندو هوس. هو اڃا تائين منهنجي آفيس جي نظرداري ڪندو آهي.

انهن مان ڪيترا وڪيل ۽ جج جيم خانہ ڪلب جا ميمبر ها. هو ڪرسمس تي ڪاغذ جون ٽوپيون پائيندا ها، ٻارهين وڳي رات تائين وسڪي پيئندا ها ۽ ٻارهين بجي ميري ڪرسمس (Merry X'mas) ڪندا ها. ڪلب جا بہ ٽي ميمبر ائنگلو انڊين هئا، جي آزاديءَ کان پوءِ پاڻ کي ڇورا ڇنا سمجهندا ها، پر ڪجهہ جج ۽ وڪيل انهن جي اڳيان احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا هوندا ها. هڪ ڀيري ڪارڊيرو جو سپرنٽنڊنٽ سکر جيل هو ۽ پوءِ سنڌ جو آءِ. جي پرزنس ٿيو منهنجي پرسان ڪائونٽر تي وسڪي پي رهيو هو. مان جنهن وقت ڪافي خمار ۾ هوس، تنهن وقت منهنجي اک هن جي نوجوان ڌيءَ تي پئي، جا نهايت خوبصورت هئي. منهنجون اکيون هن تي ائين کُپي ويون، ڄڻ مان هن تي مسميريزم ڪري رهيو هوس. جڏهن مان ڏٺو تہ مان هن تان اکيون هٽايان ئي نہ ٿو تہ هوءَ رڙ ڪري اچي پيءُ کي چنبڙي.

ٻئي ڀيري مان هڪ سي. ايس. پي ڊپٽي ڪمشنر سان گڏ، سکر جي

جم خانہ ڪلب ۾ پي رهيو هوس تہ منهنجون اکيون هن جي نوجوان زال ۾ ٽڪ ٻڌي کُپي ويون. ڊپٽي ڪمشنر کي بہ طنز ومزاح جو حس هو. هن وسڪيءَ جو ٻيو گلاس ٺاهي مون کي ڏنو ۽ چيائين: ”ٻئي گلاس هڪ ڳيت ۾ پي وڃ تہ وڌيڪ چڱي طرح ڏسي سگهندين.“ مان هن کي ڪيئن سمجهايان تہ حسن مون کي مُندي ڇڏيندو آهي. اها ڳالهہ مون پنهنجي هڪ دوست کي ٻُڌائي هئي، جنهن مون تي خاڪو لکيو آهي.

ڳالهين مان ڳالهہ ياد آئي. هڪ ڀيري بنگلاديش ۾ مان پاٽيءَ جي جهاز ۾ نارائڻ گنج کان کُلنا وڃي رهيو هوس. جهاز ۾ بہ فرسٽ ڪلاس ڪئبن هيون. صبح جو مان ننڊ مان اٿي اچي جهاز جي ريلنگ سان بيٺو هوس، تہ اوچتو منهنجي ٻي ڪئبن ۾ لٿل جهاز جي مالڪ ۽ هن جي فرينچ زال تي نظر پئي هئي، جنهن هُن سان انگريزيءَ ۾ تي ڳالهايو. مون هن جي زال کي ڏنو تہ جڻ رِوٽ لڳي وئي. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ هن پنهنجي مڙس کي چيو: ”ڊيئر! مون کي هن شخص مان جان ڇڏائڻ لاءِ سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻو پوندو.“ مان لڄي ٿي ڪئبن ۾ هليو ويو هوس.

لنڊن جي هائيڊ پارڪ ۾ مون هڪ جهونيءَ آشنا کي چيو هو تہ وڻ سان ٽيڪ ڏئي ويهہ تہ منهجون اکيون توکي ڪئميرا وانگر ڏسن ۽ تنهنجا هزارين فوٽو گراف ڪڍن. اَلاءِ جي ڇو حسن مون کي محسور ڪري ڇڏيندو آهي، پوءِ اهو انسان جو هجي يا فطرت جو! بمبئيءَ ۾ منهنجي دوست گني سامتاڻيءَ مون کي چيو هو:

> ”چنڊ لفظ جيترا ڀيرا تو شاعريءَ ۾ ڪم آندو آهي. اوترا ڀيرا دنيا جي ڪنهن بہ شاعر ڪم نہ آندو آهي.“

مون تي تنقيد ڪندي ڪنهن نيم نقاد، نيم شاعر لکيو هو تہ ”اياز هن دورِ جديد ۾ چنڊ سان گفتگو ئو ڪري“ مون کي جنهن اِها ڳالهہ ٻڌائي هئي، ان کي مون چيو هو: ”انهيءَ کي چؤ تہ چنڊ حسن جي شاعرانہ علامت آهي. جي هي غالب کي پڙهي نہ ٿو سگهي تہ لورڪا کي پڙهي ڏسي.“

انساني جسم ۾ ڪائي برقي رَءُ ٿئي ٿي، جا ٻئي انسان تي يڪدم اثرانداز ٿئي ٿي. مون سان بہ ائين ٿيندو آهي ۽ علمِ سابقہ جيان پهرينءَ نظر ۾ محسوس ٿيندو آهي تہ هي ماڻهو مون لاءِ آهي. هُن کي ڏسي مان اکيون

جهڪائي ڇڏيندو آهيان، پر مون تي ڪُتل هن جون اکيون مون کي ڪڏهن مجبور ڪنديون آهن تہ مان هُن ڏانهن ڏسان ۽ پوءِ گڙو ڳڙي ۾ جڙجي ويندو آهي ۽ ڪوئي صدين جو زنجير مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي. منهنجي ڪيفيت سودا جي هيٺين شعر وانگر هوندي آهي:

کیفیت چشم اُس کی مجھے یاد ہے سودا،
ساغر کو میری ہاتھ سے لینا کے چلا میں

جيمر خاني ۾ منهنجو مائٽ شيخ عباس مون کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ ڪافي هوندو هو. هو اُن وقت ايڪس. اِيءِ اين هوندو هو ۽ انت پي. آءِ ڊيءِ سيءَ ۾ چيف انجنيئر تي رٽائر ڪيائين. اڃا تائين ڪراچيءَ ۾ پرائيويٽ ڪنسلٽنٽ جو ڪم ڪندو آهي ۽ جيستائين مان بيمار ٿيس، تيستائين هن سان ۽ ڪجهہ ٻين مائٽن سان رنگين شامون گذرنديون هيون. هو جڏهن آمريڪا ۾ طبيعيات ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪندو هو، تڏهن آئن اسٽائن سان ڪجهہ وقت گفتگو ڪئي هيائين ۽ فلسفو اڃا تائين هن جو مرغوب مطالعو آهي. شيخ عباس ”چُلهہ تي سو دل تي“ جو بهترين مثال آهي. هو دوستيءَ ۽ دوريءَ ۾ توازن رکي سگهندو آهي ۽ ڪنهن کي بہ ڳگ تي نہ چنبڙندو آهي. جڏهن اسان پڙهندا هياسين، تڏهن ڪراچيءَ ۾ روپ وِلاس هاسٽل ۾ لڳو لڳ ڪمري ۾ رهندا هياسين، هڪ رات ٻي بجي ننڊ مان منهنجي اک کلي. پرسان واري بالڪنيءَ ۾ عباس هڪ ماهر قوال وانگر پلٿا هڻي رهيو هو ۽ مون اکيون مهٽي هن کي غور سان ٻڌو تہ هو ڪلاسيڪي انداز ۾ ڳائي رهيو هو: ”منگهن جي گهر ۾ ٻہ ڪارا ڪُتا هيا.“ مون کي ڪنن تي وسهاهہ نہ آيو ۽ هِن کي چيم تہ: ”عباس! هي ڪهڙو مکو لڳو آٿئي؟“ جواب ۾ چيائين: ”چو بابا! توکي جڏهن شاعري جنديءَ تي چاڙهيندي آهي تہ تون چوندو آهين ”ڪارا ڪارا بادل آيا“ مون کي منگهن جي گهر ۾ ٻن ڪارن ڪتن جو تصور اهڙو مزو ڏئي رهيو آهي، جهڙو سانوڻ ۾ توکي ٻہ ڪارا بادل ڏيندا آهن. ياد اٿئي تہ ٻئي درجي سنڌيءَ ۾ سبق پڙهندا هياسين ”منگهن جي گهر ۾ ٻہ ڪارا ڪُتا هيا“ مون کي اهو سبق ٿو ياد اچي.

سکر جم خانا ۾ هڪ ماءُ ۽ ڌيءُ اينديون هيون. ٻئي خوبصورت هيون. مان جڏهن انهن ڏانهن ڏسندو هوس تڏهن عباس مون کي ڏونڌاڙي چوندو

هو: ”گيدوڙي ۾ آتڪيو آهين، ليسوڙي ۾؟“ منهنجا نشا ٽٽي ويندا ها. هو آمريڪا مان ڪنهن آمريڪن ڊرامانويس ڇوڪريءَ سان شادي ڪري آيو هو. هڪ ڏينهن هو ڪيس منهنجيءَ آفيس ۾ وٺي آيو ۽ مون سان تعارف ڪرائيندي چيائين: ”روزا! هي منهنجو فلاسافر دوست بہ آهي ۽ مائٽ بہ آهي. هن ارسطو پڙهيو آهي، پر هن کي خبر نہ آهي ليوڪريشيا ڪير هئي؟“ شايد هن جي زال روز کي خبر نہ هئي تہ ليوڪريشيا[1] ڪير هئي ۽ هوءَ عباس جي مزاحيہ طبيعت جي عادي ٿي چُڪي هئي، ان ڪري هوءَ خاموش ٿي وئي.

هڪ عجيب ڪردار جو جمر خانہ ۾ ايندو هو سو برڌر خداداد خان هو.[2] Free Mason's Lodge جو ميمبر هو ۽ ڇاڪاڻ جو لاج جي هر ميمبر کي بِرڌر ڪوٺيندا ها، تنهنڪري هِن کي بہ بردر ڪوٺيو ويندو هو. هن جو چاچو عبدالحميد خان، جيئي شاهہ جي سامهون ۽ مرحوم پيرزادي عبدالستار (سابق وزيراعليٰ سنڌ) کان ٽيهارو قدم پري ۽ مون کان اٽڪل 200 قدم پري رهندو هو. عبدالحميد خان، جو سنڌ جي تاريخ جو پارسيءَ ۾ مصنف هو اهو وائيسراءِ جي ڪائونسل جو ميمبر بہ رهيو هو. هو سکر جو پهريون سنڌي

---

1 ليوڪريشيا: ارسطوءَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ هڪ ڀيري هن جي شاگردن ٺٽي ڪري، هن کي ڏاڍو پياريو جڏهن هو نشي ۾ هو تہ هن کي چيائون:
"استادا اڄ تنهنجي عيش لاءِ يونان جي خوبصورت ترين ڇوڪري ليوڪريشيا وٺي اچون؟"
استادا هائو ڪئي تہ شاگرد ليوڪريشيا کي نقاب پارائي وٺي آيا ۽ جيئن هوءَ آئي، تيئن بتي وسائي ڇڏيائون. مُنهن انڌيري ۾ هنن ليوڪريشيا کي ڪِڏي ڇڏيو. جڏهن صبح ٿيو ۽ ارسطوءَ کي هوش آيو تڏهن ڪائنس شاگردن پڇيو:
"استادا توکي ليوڪريشيا وڻي؟"
ارسطوءَ ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي. ان تي سڀني شاگردن ٽهڪ ڏئي چيو: "استادا اِها ليوڪريشيا تہ نہ هئي. اها تہ نقاب ۾ يونان جي قبيح ترين عورت هئي، پر توکي اونده ۾ پتو نہ پيو."
ان تي ارسطوءَ جواب ڏنو: "برخوردارو! هر عورت اونده ۾ ليوڪريشيا لڳندي آهي."

2 فري مئسن لاج (Free Mason Lodge) : "لاج" انگريزيءَ ۾ ڪوٺڙي، جهوپڙيءَ يا ڇني کي چوندا آهن. فري مئسن لاج ۾ ويهارو کان سوين ميمبر ٽائين هوندا ها. اهو هڪ بين الاقوامي ادارو آهي، پر ڪجهہ سال اڳ ان تي پاڪستان ۾ بندش وڌي وئي هئي، ڇو تہ ان کي صيهوني ايجنٽ سمجهيو ٿي ويو. ٻي جنگِ عظيم جي خاتمي ڪانپوءِ جڏهن يو. ايس. ايس آر نازي رڪارڊ هٿ ڪيا ها، تڏهن ڪميونسٽن ۽ ٻين سان گڏ فري مئسن بہ اُن لسٽ ۾ لڌا ويا ها، جنهن ۾ جاٽايل ماڻهن کي هر نازيءَ کي ڳولي مارڻو هو. نازي رپورٽ موجب هو انگريزي سامراج جا ايجنٽ ها. فري مئسنري جي اهڙي ڪا ڪا وضاحت نہ آهي، جا سڀ کي قبول پئي. ان لاءِ چيو ويو آهي تہ. "اها انهيءَ اخلاقيات جو نظام آهي، جنهن تي قصن ۽ تمثيلن جو نقاب آهي ۽ جنهن کي علامتن سان چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي."
ان ۾ رازداريءَ جو سخت تاڪيد هوندو آهي. ظاهري طرح تہ اُها تحريڪ فرقي واريت کان دور هوندي آهي ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ ۽ ڀائپيءَ سان واسطو رکندي آهي. ان جو تعداد پنج ملين کان زياده آهي، جنهن جي اڪثريت انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪن ۾ آهي. رڳو يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ اها چار ملين آهي. ائين برابر آهي تہ ٻي جنگِ عظيم جي خاتمي ڪانپوءِ تعداد ڪجهہ گهٽيو آهي.

آنرري مئجسٽريٽ هو ۽ هن جي جيئي شاهہ جي سامهون تمام وڏي، پر بوسيده جاءِ هئي. مان ڪڏهن گهر کان آفيس ويندو هوس، تڏهن هو لڪڻ ٽيڪيندو پنڌ ويندو هيو. مان بہ ڪڏهن هن سان گڏجي پنڌ ويندو هوس ۽ رستي تان موڪلائيندا هياسين. هو لڳ ڀڳ اسي ورهين جو هو ۽ مون کي لنڊن جا احوال ٻڌائيندو هو. جتي هو پڙهيو هو. علامہ اقبال هُن سان ساڳي ڪمري ۾ رهندو هو ۽ علامہ جي باري ۾ مون کي عجيب وغريب ڳالهيون ٻُڌائيندو هو.

بِرَدر خداداد خان گهڻو ڪري هر آچر تي پنهنجيءَ زمين تان سڌو جم خانہ ڪلب ۾ ايندو هو. هن کي پئنٽ ۽ قميص پئي هوندي هئي ۽ هو ٻانهون ڪُنجي بار جي ڪائونٽر تي ويهندو هو ۽ بيئر جو پنهنجي لاءِ ۽ منهنجي لاءِ آرڊر ڏيندو هو ۽ مونکي چوندو هو تہ، "مان هن وقت پنهنجيءَ زمين تان موٽيو آهيان ۽ هڪ برٽش فارمر (ڪسان) وانگر پيئڻ ٿو چاهيان." هو انگريز تهذيب جو دلداده هو ۽ هڪ ڀيري ڪرسمس نائيٽ تي انگريزن وانگر ڪاري ٽاپ هئٽ جا فوٽ کن اوچي هئي، ڏارِيدار ڪاري پئنٽ، ڳچيءَ ۾ اسڪارف ۽ هٿن ۾ ٽونٽ تائين دستانا پائي آيو هو ۽ وائيس ريگل لاج ۽ بڪهنگم پئليس جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيو هو. آغا آصف جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، تنهن لنڊن مان بارائٽ لا ڪيو هو ۽ هن سان ڏاڍا چرچا ڪندو هو. مون هنن کي هڪ ڀيري فرينچ شاعر رچرڊ ڊي گئليني (Richard de Galliene) جو هيٺيون شعر ٻڌايو:

Ah London! London! Our delight
Great flower that opens but at night

ترجمو: او لنڊن! لنڊن، اسان جي سرخوشي،
وڏو گل، جو رڳو رات جو ٽڙندو آهي.

تڏهن خداداد خان چيو: "واهہ وا! ڀيهر تہ ٻڌائجانءِ!"

ان تي آغا آصف کيس چيو: "بردَر خان ڪهڙي نائٽ ڪلب پسند ڪندو هئين؟"

"سيئي نائٽ ڪلبون چڱيون هيون، نالو تہ هاڻي ڪوئي ياد نہ ٿو اچي!"

"يلا هائيڊ پارڪ ڪارنر ۾ هائيڊ پارڪ ڪئفي ۾ تو بيئر پيتو يا لاگر؟"

" بيئر آغا، بيئر منهنجو مرغوب مشروب آهي."

"پوءِ تہ پوش لنڊن (Posh London) ڏٺي هوندي؟"

"ها"

"پوءِ ڪنهن جاءِ جو نالو ٻڌاءِ؟"

"بيلي هاٽي ايتري وقت ڪانپوءِ ڪيئن ياد ايندو!"

"مان تو ٻڌايانءِ بيل گريو اسڪائر (Belgrave Square) سلون اسڪائر (Sloane Square)، رايل ڪورٽ ٿيئٽر (Royal Court Theater) ايٽن اسڪائر (Eaton Square)، ڪنگس روڊ (Kings Road). ڪجهہ تہ ٻڌاءِ اهي ڪيئن ها؟"

"بابا، چوانءِ تہ ٿو ڪيئي سال ٿيا، وسري ويا آهن."

ائين آغا آصف جي هن ڪان آڏي پڇا ڪافي وقت هلندي هئي ۽ پوءِ آغا ٿي ۽ مان بہ ٿي ٿي بوتلون گهرائيندا هئاسين. جڏهن مان بيئر پي گهر وڃڻ لاءِ نڪرندو هوس تہ آغا ڪجهہ مون کي ڪن ۾ چوندو هو ۽ مان اردوءَ جو هيٺيون شعر ياد ڪري مرڪندو هوس.

پی کے ہم تو چلے جھومتے میخانے سے
جھک کے اک بات کہی شیشے نے پیمانے سے.

انهيءَ دور ۾ جم خانا ڪلب ۾ مرحوم حيدربخش عرف منو سومرو بہ ايندو هو جو مرحوم خانبهادر الله بخش جو پيو پٽ، رحيم بخش سومري جو ننڍو ڀاءُ ۽ مرحوم صمد سومري جو وڏو ڀاءُ هو. صمد سومرو منهنجو همـ زلف هو ۽ هُن جي منهنجيءَ ڀيءَ زال اقبال جي ڀيڻ سان شادي ٿيل هئي. اقبال کي پوءِ مون 1965ع ۾ طلاق ڏني هئي ۽ هن مان مون کي ٽي ٻار آهن، مونس، سرمد ۽ وينگس. مونس آمريڪا ۾ پڙهي رهيو آهي، جتان ڪجهہ وقت اڳ مون کي شاعريءَ تي نوان ڪتاب جناب اشفاق قاضيءَ معرفت موڪليا هيائين. هن کي انگريزي ادب تي ڪافي دسترس آهي ۽ هن منهنجي شاعريءَ جا ڪجهہ ترجما انگريزيءَ ۾ ڪيا آهن، جن مان ڪجهہ تہ وِيو پائنٽ (View Point) هفتيوار جي پهرئين صفحي تي ڇپيا ها، جنهن جو ايڊيٽر مشهور اديب ترانسڪائيٽ طارق عليءَ جو پيءُ مرحوم مظهر علي خان هو جو فيض جو گهرو دوست هو. وينگس نوابشاهہ ۾ ڊاڪٽر

آهي ۽ سرمد بہ نئشنل بئنڪ آف پاڪستان ۾ ڪوئي ڇوٿو موٿو آفيسر آهي.

منو سومرو ڪڏهن صمد سان جم خاني ۾ ايندو هو ۽ ڪڏهن هُنن سان بئريسٽر افضل ڪوسو هن جي انگريز زال، جيڪب آباد جو ڪرستان ايس. پي (نالو وسري ٿو وڃي) ۽ سڪندر ڀٽو (شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ڀاءُ، جو هن ڪان اڳ ۾ گذاري ويو هو) ايندو هو. انهن سڀني ۾ مرحوم سڪندر نهايت دلچسپ انسان هو. هن غالباً انگلنڊ ۾ تعليم ورتي هئي ۽ نہ رڳو هن کي انگريزي شاعريءَ جو شوق هو پر هن کي ڪيئي انگريزي شعر بہ ياد هوندا ها. هو جڏهن جم خاني ايندا ها ۽ مون کي ڏسندا ها تہ پنهنجيءَ صحبت ۾ سڏي وٺندا ها. مان گهڻو ڪري اڪيلو ڪائونٽر تي ورهاڱي کان اڳ جي يادگيرين ۾ غرق هوندو هوس. ان وقت مان سياست ۾ ملوث نہ هوس ۽ فراريت جي ڪيفيت محسوس ڪندو هوس.

مون جڏهن هوريس[1] جي هيٺين چوٽي مرحوم سڪندر کي ٻڌائي هئي تہ هو منهنجو دوست بڻجي ويو هو:

"No poems can please for long or live
that are writen by water drinkers."

ترجمو: (ڪي بہ نظم دلپذير ٿي نہ ٿا سگهن ۽ نہ زنده
رهي ٿا سگهن، جيڪڏهن اُهي پاڻيءَ پيا ڪن لکيا آهن)

سڪندر اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ موٽ ۾ مون کي فٽزجيرالڊ[2] جو هيٺيون شعر ٻڌايو هيائين:

The Grape that can with logic absolute,
The Two and Seventy warring Sects confute.

ترجمو: انگور جيڪو پنهنجي قطعي منطق سان
ٻاهتر سمع خراش فرقن جي ترديد ڪري سگهي ٿو.

سڪندر کي فٽزجيرالڊ جو رباعياتِ عمر خيام جو انگريزيءَ ۾ منظوم

---

1 هوريس (Horace) 65 ق. م يا 68 قبلِ مسيح ۾ ڄائو هو. هن جي موت جي تاريخ معلوم نہ آهي. هو عظيم رومن شاعر هو.

2 فٽزجيرالڊ (Fits Gerald) (1809ع کان 1883ع) تائين. انگريزي مترجم ۽ محقق. انگريزي ۾ رباعيات عمر خيام جو مصنف.

ترجمو ڏاڍو وڻندو هو. هڪ پيري هو رات جو ڏهين بجي لاڙڪاڻي مان ڪار ۾ جمر خانہ پهتو. مان ڪائونٽر تي اڪيلو ويٺو هوس ۽ جمر خاني جو پنجاپي آبدار جو خود هڪ دلچسپ ڪردار هو اُن سان گفتگو ڪري رهيو هوس تہ، سڪندر اچي نڪتو. مون کي هُن فٽزجيرالڊ جي موضوع تي آندو ۽ مون هن کي ٻڌايو تہ "مون کي فارسيءَ جي تعليم ننڍيءَ عمر ۾ ئي ڏني وئي هئي ۽ جڏهن آءٌ پنجون يا ڇهون درجو انگريزي پڙهندو هوس، تہ مون کي عمر خيام جون سڀ فارسي رباعيون ياد هونديون هيون."

"سڀ رباعيون؟" هن حيرت سان چيو. "ها سڀ رباعيون" مون جواب ڏنو "ڪائي رباعي فارسيءَ ۾ پڙهہ"

مون هن کي هيٺين رباعي ٻڌائي:

آمد سحری نداز میخانۂ ما
کہ ای رندِ خراباتیٔ دیوانہ ما
برخیز کہ پُر کنیم پیمانہ زمی
زان پیش کہ پُر کنند پیمانہ ما

ترجمو: باک جو اسان جي ميخاني مان آواز آيو تہ
"اي منهنجا رند، منهنجا خراباتي، منهنجا ديوانا!
اُٿ تہ شراب سان پئمانا پريون
ان کان اڳ ۾ جو اسان جي (زندگيءَ جو) پئمانو پرجي وڃي.

هن حافظي تي زور ڏئي فٽزجيرالڊ جو ترجمو ٻڌايو پر اُهو ترجمو نہ ڪي ٺُز هو نہ ڪي صحيح هو. اهو پنهنجي ليکي هڪ خوبصورت انگريزي رباعي (Quatrain) هئي. مان هن کي فٽزجيرالڊ ۽ عمر خيام جي باري ۾ پنهنجا تاثرات ٻڌائيندو رهيس. مون هن کي چيو تہ:

"عمر خيام ٻين فارسي شاعرن جي ڀيٽ ۾ ايڏو وڏو شاعر نہ هو ۽ هن جي شاعريءَ کي مغرب ۾ گهڻو اچاليو ويو آهي. ائين آهي تہ پيغمبر_ شاعر پنهنجي ملڪ ۾ ورلي يا دير سان مڃيا ويندا آهن، پر فردوسي، رومي، سعدي، حافظ، جامي وغيره جي پنهنجي ملڪ ۾ ڪافي مڃتا آهي. خيام انهن کان گهٽ ڪونہ هو پر هُن جي شاعري تمام ٿوري آهي. مان پانيان ٿو تہ فٽزجيرالڊ، خيام جو گهرو مطالعو نہ ڪيو هو ۽ جيئن ڪراچيءَ ۾ پئرادائيز

پائنٽ وٽان پهاڙي سوراخ مان سمنڊ ڏانهن ڏسبو آهي، ايئن هن جون رباعيون ڏٺيون هيائين. صدي اڳي فٽزجيرالڊ جي شاعريءَ جي هڪ شاهڪار لاءِ بنياد پيدا ڪيو. توهان غور سان ڏسندا تہ فٽزجيرالڊ جي رباعيءَ جي هيئت علحده آهي. نہ وري هن هر رباعيءَ جو الڳ الڳ ترجمو ڪيو آهي، پر هن پنهنجي تلخيق ڪي پاڻ ترتيب ڏني، جو اُها جڻ خيام جي زندگيءَ جي هڪ ڏينهن جي حالات جو اظهار ڪري رهي آهي ۽ جنهن مان خيام جي جذبات ۽ زندگيءَ ڏانهن ردِعمل جي تصوير اُڀري اچي ٿي. سج اڀري ٿو ۽ مئخاني جو دروازو کُلي ٿو. خيام بيدار آهي ۽ ڪجهہ سوچي رهيو آهي. درجي بدرجي هو پنهنجي خيالات جي بحر ۾ غرق ٿي وڃي ٿو ۽ سارو وقت شراب نوش ڪري ٿو. هن کي ان ڳالهہ تي تشويش ٿئي ٿي تہ هي زندگي مختصر آهي ۽ انسان جو عقل وجود جي معمي (ڳجهارت) کي حل نہ ٿو ڪري سگهي ۽ هو لکي ٿو:

اسرارِ ازل را نہ تو دانی و نہ من
وین حرف معمیٰ نہ تو خوانی و نہ من
هست از پسِ پردهٔ گفتگو من و تو
چون پرده بر اُفتد نہ تو مانی و نہ من

ترجمو: ازل جي اسرار کي نہ تون ڄاڻي سگهين ٿو نہ مان،
هيءَ ڳجهارت نہ تو پڙهي آهي نہ مون،
اسان جي پنيان مان ۽ تون جو پردو آهي،
جڏهن پردو ڪڇي ٿو تڏهن نہ تون رهين ٿو نہ مان.

ڪيئي مونجهارا هُن جي من کي ويڙهي وڃن ٿا ۽ ڪيئي مسئلا هُن جي آڏو اچن ٿا، جي هُو حل ڪري نہ ٿو سگهي. پوءِ غمزده ٿي وڃي ٿو ۽ بغاوت تي لهي اچي ٿو ۽ هو پنهنجي محسوسات کي اظهاري ٿو. دير سان هن تان خمار هٽي ٿو ۽ جڏهن رات لهي ٿي ۽ چند اُڀري ٿو تہ هو غم جي بحر بيڪران ۾ غرق ٿي وڃي ٿو ۽ فٽزجيرالڊ جو ڪتاب پورو ٿئي ٿو جڏهن عمر خيام آخري وصيت ڪري ٿو.

خيام جي زندگيءَ جو اهو تصوراتي ڏينهن ڏيڪارڻ لاءِ فٽزجيرالڊ کي نہ رڳو خيام جو پر ٻين جي رباعين جو مطالع بہ ڪرڻو پوي ٿو جن جي باري ۾ پڪ نہ آهي تہ اُهي خيام جون آهن بہ يا نہ. اهي رباعيون چونڊي هن پنهنجي

خيالات ۾ پنهنجي ڪتاب کي ترتيب ڏني. فارسيءَ ۾ رباعياتِ عمر خيام کي اها ترتيب نہ آهي. ترجمو بنهہ آزاد آهي ۽ فٽزجيرالڊ تہ ڪنهن وقت پنهنجي هڪ رباعيءَ ۾ خيام جون ڪيئي رُباعيون سمايون آهن.

باقي مون کي فارسيءَ ۾ فٽزجيرالڊ جي رُباعيات ۾ اهي تصويرون نہ وٺنديون آهن، جن ۾ ڪائي نوجوان عورت ڪنهن معمر شخص جي ساغر کي پري رهي آهي. اُن ۾ اُهو تصور، اُهو ڪائنات جي اسرار تي غور ۽ فڪر ڪونہ آهي. باقي فٽزجيرالڊ ترجمو نہ ڪيو آهي، اُها هن جي پنهنجي تخليق آهي."

اسان اڌ رات تائين ويٺا هياسين. سڪندر مون کي جيڪو آخري شعر ٻڌايو اهو مون کي اڄ بہ ياد آهي:

Malt does more than Milton can

To Justify God's ways to man

ترجمو: ڳڙ جو شراب ملٽن کان وڌيڪ اثرائتو آهي.

خدا جي رَوِش جو جواز پيدا ڪري ٿو.

ٻي ٻجي تائين اسان مسلسل ڳالهائيندا ۽ بحث ڪندا رهيا هئاسين. آبدار ڪرسيءَ تي ڪونگهرا هڻي رهيو هو. اسان دوست ٿي وياسين، پر ان رات کان پوءِ هو مون کي وري نہ مليو. ڪجهہ مهينا پوءِ مون کي پتو پيو تہ هو گذاري ويو هو. هن زندگي خيام جي رباعيءَ وانگر ڪاٽي ۽ ختم ڪئي. مون ڪيئي سال اڳ مرحوم ذوالفقار ڀٽي سان ملاقاتن ۾ ان ڳالهہ جو ڪڏهن بہ ذڪر نہ ڪيو هو تہ هن جو وڏو ڀاءُ منهنجو دوست آهي.

ان کان پوءِ ون يونٽ لاڳو ٿيو هو. مان حيدرآباد ويندو هيس ۽ اتي چڪتاڻ ڪيئن وڌي هئي، ان جو ذڪر مان پوءِ ڪندس. تيستائين مان رڳو اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ 1949ع ۾ جڏهن مان ڪراچيءَ کان سکر آيس تہ منهنجون اردوءَ ۾ ادبي سرگرميون وڌي ويون، ڇوتہ منهنجا سنڌي دوست، جي شاعر ۽ اديب ها، سي سڀ هندو هئا ۽ سوڀي کان سواءِ اُهي سڀ هندستان هليا ويا. مان ۽ ٻيا سکر جا اردو اديب ڪيفِ ايران ۽ ڪيفِ نِشاط ۾ ڪنا ٿيندا هياسين، جي ليوڪس پارڪ جي پرسان هيا. آگسٽ 1962ع ۾ آفاق صديقيءَ پاڪستان رائٽرس گلڊ سب ريجن سکر پاران "ريگذار کي موتي" ڪتاب ڇپايو هو جنهن ۾ سرفهرست نالو منهنجو هو ۽ باقي ٻيا خيرپور

ريجن جا شاعر حميد عظيم آبادي، شهزادو اياز اشتياق اظهر (هاڻي سينيٽر ۽ پيرجيءَ الطاف جي جاءِ تي ايم. ڪيو. ايم جو سربراهہ. ان وقت غالباً خيرپور ۾ انفرميشن آفيسر هو)، حسن حميدي، منظر ايوبي، آفاق صديقي، شيخ راز ۽ صمد رضوي هئا، جن جو منتخب ڪلام مجموعي ۾ شامل ڪيو ويو هو. منهنجي ڪلام اڳيان منهنجا هيٺيان مشغلا ڏيکاريا ويا هئا:

”صدرِ مجلس استقباليہ اردو سنڌي ادبي ڪانفرنس 1953ع، صدر سنڌي ادبي سرڪل 1952ع کان 1955ع تائين، صدر مجلسِ استقباليہ ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس 1956ع، رڪن مرڪزي مجلسِ عاملہ پاڪستان رائٽرس گلڊ (1959ع کان 1962ع تائين)، صدرِ استقباليہ اجتماع مصنفين، زير اهتمام پاڪستان رائٽرس گلڊ.“

صفحي 16 تي مصنف آفاق صديقيءَ لکيو آهي تہ: گذريل ٽن سالن ۾ سکر سب ريجن جي اهتمام هيٺ جي نشستون، مذاڪرا ۽ وڏا اجتماع ٿيا آهن، انهن ۾ شريڪ ٿيڻ وارن ۾ باباءِ اردو مولوي عبد الحق، سيد وقار عظيم، ڪوي غلام مصطفيٰ (بنگلاديش جو بنگلا ٻوليءَ جو ڪوي)، احسان دانش، جميل الدين عالي، طفيل احمد جمالي، اديب سهارن پوري، نظر حيدرآبادي، حمايت علي شاعر، ڪرار نوري، عبد الڪريم گدائي، قمر جلالوي، خالد عليگ، بيربل جبلپوري، بشير مورياڻي، تاج صحرائي، حڪيم شمس حسن اختر، نظر جعفري، نڪهت بريلوي، مظهر جميل، مسعود بريلوي، خاور بلگرامي، عاشق ڪيرانوي، ظهير سهواني ۽ عبد الحميد صبر آهن. اهي انهن شاعرن جا نالا آهن، جي ڪتاب ”ريگزار ڪي موتي“ ۾ شامل آهن.“

انهيءَ ڪتاب جي شروعات ڪندي مصنف لکيو آهي تہ :

”شيخ اياز نہ صرف سنڌيءَ جو صاحبِ طرز شاعر ۽ اديب آهي، پر گذريل پندرهن سالن کان اردوءَ ۾ بہ لکي رهيو آهي. تازو هن جي ڪلام جو مجموعو ”پونري پري آڪاس“ گلڊ جي مرڪزي دارالاشاعت طرفان شايع ٿيو آهي. شيخ اياز جي تصنيفن سان گڏ هن جو پهريون اردو مجموعو ’بوئي گل نالہ دل‘ 1954ع ۾ شايع ٿيو هو. ٻيو مجموعو ”ڪفِ گلفروش“ جي نالي سان جلد ئي شايع ٿيڻ وارو آهي. طبع زاد شعري تخليق سان گڏ اياز جي منظوم ترجمن کي بہ خاص مقبوليت حاصل ٿي آهي (دراصل اهي ترجما هئا

۾ مون اهي پنهنجا تخليقي نظم سچل، ساميءَ ۽ سانگيءَ جي تخلص سان انهن جي شاعريءَ مان اتساهہ وٺي، اردوءَ ۾ لکيا هئا. جيئن فٽزجيرالڊ، عمر خيام جي رباعين مان اتساهہ ورتو هو). 1947ع کان 1959ع تائين اياز جا نظم اڪثر منظوم ثقافتي ورثي طور ممتاز ادبي جريدن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. 1955ع ۾ اياز شاهہ لطيف، سچل سرمست، چئن راءِ سامي، مير عبد الحسين سانگيءَ جهڙن وڏي پائي جي سنڌي شاعرن جي ڪلام کي اردو شاعريءَ ۾ منتقل ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي طرفان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي پوري مجموعي ڪلام يعني ”شاهہ جو رسالو“ جي منظوم اردوءَ جو ڪم بہ اياز کي سونپيو ويو. شاهہ جي ڪلام جو هي منظوم اردو ترجمو عنقريب ظاهر ٿيڻ وارو آهي. منظوم ترجمي ۾ تخليقي ”اُپج“ جو بانڪي پڻو هڪ طرف اياز جي اعليٰ شاعراڻين صلاحيتن کي ظاهر ڪري ٿو تہ ٻئي طرف سنڌي شاعريءَ جي راهہ رسم اردوءَ شاعريءَ سان وڌائي ٿو.

شاعريءَ وانگر اياز جي نثر نگاريءَ ۾ بہ هڪ اهڙي نواڻ آهي، جنهن ۾ وڏي معنيٰ خيز سادگي ۽ پُرڪاري ملي ٿي. ابتدائي دؤر ۾ اياز جيڪي افسانا لکيا، انهن افسانن ۽ هن جي گذريل ٻن ٽن سالن جي تحريرن کي ڏٺو وڃي تہ حيرت انگيز تبديلي نظر اچي ٿي.“

اهو هو آفاق صديقي جو پراڻي سکر ۾ رهندو هو ۽ جنهن لاءِ تشڪر جو اظهار مون شاهہ لطيف جي منظوم ترجمي ۾ ڪيو آهي. ان مجموعي ۾ صفحي 27 کان صفحي 48 تائين فقط منهنجي اردو شاعري آهي:

نموني طور سچل سرمست جي نالي ۾ پنهنجو اصلوڪو نظم پيش ڪريان ٿو. پهريون نظم، جنهن جو عنوان تخليق آهي، اهو هيٺينءَ ريت آهي:

پھر کوئی سنگ بدست آتا ہے
خانۂ شیشہ گراں کی جانب
پھر کوئی نعرۂ مستانہ بڑھا
لرزش کوئی امان کی جانب[1]

---

[1] وري ڪوئي شيشي ٺاهيندڙن جي گهر ڏانهن
پٿر هٿ ۾ کڻي اچي ٿو
وري ڪوئي مستانو نعرو وڌيو
ان ڪنبڻيءَ ڏانهن جا صلح سانت جي گهٽيءَ ۾ آهي.

## ڪٿي نہ پڄبو ٽَڪُ مسافر

پھر کوئی شبنم تخیّل لئے
چہرۂ گل پہ مہکنے آیا
پھر کوئی فطرت قندیل لئے
صبح کاذب میں دہکنے آیا[1]

پھر کوئی گردنِ مینا پہ جھکا
پھر لب جام کس نے چومے
پھر نہاں خانہ اصنام کھلا
پھر صنم زندہ ہوئے اور جھومے[2]

پھر نگاہِ صنم افروز کوئی
سینہ سنگ میں پیوست ہوئی
پھر کوئی تشنگیٔ صہبا ساز
تہہ ساغر میں چھنکتی پہنچی[3]

پھر جٹاؤں میں گھٹائیں جھومیں
پھر کوئی میکدہ بردوش آیا
لب فردا پہ تبسم نکھرا

---

1 وري ڪوئي تخيل جي ماڪ کڻي،
گل جي مک تي مهڪڻ آيو
وري ڪوئي فانوس جي فطرت کڻي،
جهونجهڪڙي ۾ ڄهرڪائڻ آيو

2 وري ڪوئي مينا جي گردن تي جهڪيو
وري ڪنهن جام جا چپ چميا
وري مورتين جو ڀهروپ کليو
وري مورتيون جيئريون ٿي پيون ۽ جهوميون

3 وري ڪائي مورتيون ٻاهر ڇڪي ايندڙ نهار
پٿر جي ڇاتيءَ ۾ کپي وئي
وري ڪائي مڌ ٺاهيندڙ اُڃ
پيالي جي تري ۾ ڇم ڇم ڪندي پهتي

جب کوئی مست مئے دوش آیا[1]

متلاطم ہوئی وہ تاریکی
جس کی گہرائی نہ ہوگی معلوم
ماہ و انجم کی حروف زریں
جس کی ہر موج پہ ہوں گے مرقوم[2]

راہ طلب میں
طبل تمنا گونج رہا ہے
اہل سلال چنگ بہ لب
زنجیر بہ پاہیں،
غرفۂ زندان واہیں،
شور بپا ہے[3]

ساز نفس ہر ضرب صبا سے
ولولے خیز آہنگ صدا ہے
سینہ گیتی شعلہ نوا ہے

---

1 وري جٿائن ۾ گھٽائون جھومي
جڏهن مڌ شالائون ڪُلهن تي کڻي آيون،
سياڻي جي چپن تي مرڪ ٽڙي پئي،
جڏهن ڪوئي ڪالهوڪي مڌ جي ڪيپ ۾ الوٽ آيو

2 انهيءَ اونده ۾ وير آلڙ آئي
جنهن جي اونهائيءَ جو پتو پئجي نہ سگهندو.
چنڊ تارن جا سونهري اکر
جنهن جي لهر لهر تي لکيا ويندا.

3 طلب جي راهہ ۾ ساهہ
تمنا طبلي وانگر وڄي رهي آهي
قيد- ڪڙين ۾ رهندڙن جي چپن تي چنگ ۽ پيرن ۾ زنجير آهن
۽ قيد جون ساريون ڪڙڪيون ڪليل آهن
هُل تي ويو آهي.

لو اب سارے رشتہ ہستی ٹوٹ چکے ہیں
اہل سلاسل چھوٹ چکے ہیں
فرش زمیں سے عرش بریں تک
اک طرفہ سیلاب ضیا ہے
جس میں عالم ڈوب گیا ہے
راہ طلب میں
طبل تمنا گونج رہا ہے[1]

هي نظم 1952ع کان اڳ لکيا ويا هئا. جي رائيٽرس گلڊ جي رسالي "هم قلم" ۾ شايع ٿيا هئا ۽ مون کي انهن تي سال جي بهترين اردو نظمن لکڻ ڪري "هم قلم" ايوارڊ مليو هو.

مٿئين نظم مان ظاهر آهي تہ چاليهہ سال اڳ بہ مون ۾ تصوف سان لڳاءُ هو ۽ ڪائنات کي پنهنجيءَ منفرد نڪتہ نگاہ سان ڏسندو هوس. هن نظم ۾ نہ لفظ سچل جا آهن، نہ ترنم هُن جو آهي، پر ان نظم لاءِ اُتساہ مون کي سچل جي شاعريءَ ڏنو هو.

اها مشترڪ تهذيب، جا اسان ٺاهي رهيا هياسون، اُن کي پوءِ ايوب خان وڏو ڇيهو رسايو جيئن مان اڳتي هلي ذڪر ڪندس.

منهنجا ٻيا بہ جونيئر وڪيل نبي بخش کوسو جو هاڻي پاڪستان سرڪار ۾ جوائنٽ سيڪريٽري آهي ۽ عبدالمجيب پيرزادو جو هاڻي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو مصروف وڪيل آهي، هئا. دراصل انهن سکر ۾ "سنڌي

---

1 ساهہ جو ساز پرهہ جي هير جي هر چوٽ سان.
هڪ ولولي وارو مڌر ميلاپ آهي،
ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ مان ڇيپون نڪري رهيون آهن.
تمنا طبلي وانگر وڄي رهي آهي.
ڏسو هاڻي هستيءَ سان سڀ ناتا ٽٽي چڪا آهن
۽ قيدي آزد ٿي چڪا آهن
زمين جي فرش کان اتاهين عرش تائين
هڪ عجيب روشنيءَ جي لس ليٽ آهي
جنهن ۾ سنسار ٻڏي ويو آهي
طلب جي راهہ ۾
تمنا طبلي وانگر وڄي رهي آهي.

شام“ ملهائي هئي، جنهن مون لاءِ وڏيڪ مصيبت ٻاري هئي. هونءَ تہ سال 1963ع ۾ منهنجي ڪتاب ”ٻونري ٻيري آڪاس“ ۽ سال 1964ع ۾ ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ۽ ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ تي بندش پئجي چڪي هئي ۽ مان زيرِ عتاب هوس. مجيب پيرزادو حيدرآباد ۾ شاگرد تحريڪ جو سرگرم اڳواڻ هو ۽ غلام رباني آگري (هاڻي ميمبر فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن) ۽ نبي بخش کوسي جو دوست هو. انهن ليوڪس پارڪ ۾ سنڌي شام ملهائي. پهريون ڀيرو سکر شهر ۾ هڪ سنڌي جلسي ۾ ڇهہ هزار ماڻهو ڪٺا ٿيا. ان وقت فصيح الدين وردگ سکر جو ڊپٽي ڪمشنر ۽ آغا علي حيدر سيشن جج ( جو پوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿيو ۽ انت شريعت بينچ تي جج هو جڏهن رٽائر ڪيو هيائين) بہ موجود هئا. انهن ٻنهي جي ذاتي خوشامد لاءِ انهن کي ڪجهہ وڪيلن دعوت نامو موڪليو ۽ هو پاڻ سان هڪ هاءِ ڪورٽ جو جج بہ وٺي آيا، جو انهن ڏينهن ۾ سکر آيل هو. منهنجو دوست مقصود احمد حميدي، جيڪو حيدرآباد دکن جو مهاجر هو اردو ادب جو سٺو پارکو ۽ فيض احمد فيض ۽ الطاف گوهر جو دوست هو. جڏهن تہ الطاف گوهر ان وقت صدر ايوب خان جو انفرميشن سيڪريٽري هو اهي بہ انهيءَ شام ۾ ويٺا هئا. مقصود احمد حميدي، جو سي. ايس. پي هو اُن وقت سکر ميونسپالٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر هو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ جو ائڊيشنل چيف سيڪريٽري هو.

سنڌي شام جي ڪاروائي مجيب پيرزادي ٿي هلائي. حفيظ قريشي، حيدر بخش جتوئي، رسول بخش پليجو ۽ ٻيا اهم ماڻهو اسٽيج تي تقرير ڪري ويا تہ فصيح دين وردگ جو هر سي. ايس. پي آفيسر وانگر پنهنجي ضلعي کي جاگير سمجهندو هو اٿي اسٽيج تي اوچتو آيو ۽ چيائين تہ ”مون کي بہ اکر چوڻا آهن.“ پوءِ هن چيو تہ ”هتي ڪهڙو اصل سنڌي آهي. مان چوان ٿو تہ شاهہ لطيف جا وڏا بہ مهاجر هيا.“ اِن تي مجيب پيرزادي هن کي وچ ۾ ڪٽي چيو: ”جي سڀ مهاجر شاهہ لطيف جهڙا ٿين تہ اسان کي قبول آهن.“

سنڌي قوم پرستيءَ جو اهڙو زبردست اظهار ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. وردگ مون تي غصي ۾ هو تہ جلسو مون ڪرايو آهي. مقصود احمد حميدي، جنهن کي منهنجن اردو منظوم ترجمن جي خبر هئي، ان مون کي چيو تہ مان ڪين سچل سرمست ۽ سانگيءَ جا منظوم ترجما ڏيکاريان. دراصل انهن ترجمن ۾

وسڪي منهنجي هٿ ۾ سوڊا سچل ۾ ساميءَ جي هٿ. پر ان جي باوجود هاءِ ڪورٽ جو مهاجر جج تڏو نہ ٿيو ۽ هُن وڃي خيرپور جي ڪمشنر کي دانهن ڏني تہ هي ساري آگ اياز جي لڳايل آهي. بئي يا ٽئين ڏينهن تي مون کي ڪمشنر خيرپور گهرايو ۽ چيو تہ اهو ”نارائڻ شيام وارو نظم“ پڙهي، اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌاءِ!“ مون هن کي نظم پڙهي، ترجمو ڪري ٻڌايو. هن پڇيو تہ:

”اهو نارائڻ شيام ڪير آهي؟“ ”هندستان ۾ هڪ سنڌيءَ جو شاعر آهي.“ مون ڪنڌ ڏوڻ ڪري هائو ڪئي. هن چيو: ”تون وڃين سگهين ٿو، پر ڊي آءِ جي خيرپور سان ملندو وڃ.“ مان ڊي آءِ جي خيرپور سان مليس، جنهن جو نالو ياد نہ آهي. ڊي آءِ جي مون کي اطلاع ڏنو تہ: ”تنهنجي خلاف سي. آءِ ڊيءَ جون خطرناڪ رپورٽون آهن.“ مون هن کي جواب ڏنو. ”تنهنجي سي. آءِ ڊي ۾ ايس. پي جي عهدي تائين سڀ ادب سان نا آشنا آهن. اهي منهنجي شاعري ڇا سمجهي سگهندا؟ اهي عوام ۾ منهنجي مقبوليت ڏسي گهبرائجي ويا آهن. هونءَ بہ شاعر آمريت لاءِ وڏي ۾ وڏو خطرو ٿيندا آهن.“ ڊي آءِ جي چيو: ”تون واقعي خطرناڪ ماڻهو ٿو لڳين، مان تنهنجي خلاف رپورٽ ڪندس.“ هو پنجابي هو. پوءِ ڪجهہ سوچي چيائين: ”واقعي اهي مهاجر سي. آءِ ڊي وارا سنڌي ٻوليءَ جون نزاڪتون ڪيئن سمجهي سگهندا هوندا؟“ پوءِ مون کي هيٺيون لطيفو ٻڌايائين:

”هڪ ڀيري لنڊن ۾ هڪ انگريز ۽ هڪ سک وڙهي پيا. انگريز هن کي خوب انگريزيءَ ۾ گاريون ڏنيون. سک بہ هُن کي انگريزيءَ ۾ گاريون ڏنيون ۽ جڏهن انگريزيءَ ۾ گاريون ڏئي ٿڪو تہ پوئين گار هن کي پنجابيءَ ۾ ڏنائين ”مور اوور (More over) تيري پَٺڙ نون (تنهنجي پيٺ کي).....“ انگريز وائڙو ٿي ويو تہ هي ڇا ٿو چوي ۽ ائين جهيڙو ختم ٿي ويو. ها.... ها.... ها.....“ هُن ٽهڪ ڏيندي چيو.

”واقعي هي مُهاجر تنهنجي ٻوليءَ کي ڪيئن سمجهي سگهندا. تون وڃي سگهين ٿو مان تنهنجي رپورٽ نہ ڪندس.“

مون کي ڪيئي سال پوءِ اها ڳالهہ ياد آئي هئي، جڏهن مان وائيس چانسلر هوس. ڪنهن سائنس جي پروفيسر اچي منهنجو مٿو کاڌو ۽ چيو تہ ”انسان آدم جي نہ، پر باندر جي اولاد آهي.“ مون هن کي ڏاڍو سمجهايو تہ هر

انسان آدم جي اولاد ٿي نٿو سگهي. آدم جي اولاد ٿيڻ لاءِ نفس سان جهاد جي ضرورت آهي ۽ اهو انسان جي روحاني ارتقا جي حاصلات آهي. مان توسان ڪنهن حد تائين متفق آهيان تہ اڪثريت باندر جي اولاد آهي، پر هڪ ڳالهہ نہ وسارجانءِ، انسان ذات ۾ ڪي اهڙا بہ انسان آهن، جي گڏهہ جي اولاد آهن. مون جڏهن هن کي اهو لطيفو ٻڌايو تہ مون کي خيرپور جو مٿيون ڏيءُ آءِ. جي ياد آيو جنهن ڪان اهو وسري ويو هو تہ هن ملڪ لاءِ جدوجهد اتساهي ئي علامہ اقبال جي شاعريءَ هئي ۽ هتي شاعري سياست کان زياده اهم آهي.

ڪيئي سال پوءِ مان 1970ع ۾ اوير پاڪستان ۾ شيخ مجيب جي گرفتاريءَ کانپوءِ، پهريائين سکر جيل ۾ ڇهہ مهينا رکيو ويو هوس. ان وقت منهنجي زال زرينا ۽ منهنجي ڌيءَ روحيءَ جي ذهن کي ڪافي لوڏو آيو هو. مڪتي باهنيءَ سان جنگ اجا هلي رهي هئي. مون هوم سيڪريٽريءَ کي لکيو تہ منهنجي نظربنديءَ جو مدو نہ وڌايو وڃي. ان وقت غالباً مقصود حميدي سنڌ جو هوم سيڪريٽري هو. منهنجو مدو ٽن مهينن لاءِ وڌايو ويو. ڇو وڌايو ويو ۽ ڪنهن وڌايو؟ اهو هاڻي ڪيئن چئجي؟ ٽي مهينا پورائي نہ ٿيا تہ پاڪستان ٽٽي ويو ۽ ممتاز علي ڀٽي، جيڪو ان وقت سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو هو تنهن غالباً ڀٽي صاحب جي چوڻ تي سپرنٽينڊنٽ جيل کي فون ڪيو تہ: ”شيخ اياز کي يڪدم رها ڪيو وڃي ۽ رهائيءَ جا آرڊر جيل تي لکت ۾ پوءِ پهچندا.“

ٻاهر نڪري مون کي معلوم ٿيو تہ سنڌ ڪلب ۾ حميدي صاحب جي ڀُٽي صاحب سان ڪجهہ وقت اڳ تلخ گفتگو ٿي هئي ۽ ڀٽي صاحب گورنر کي چئي هن کي نوڪريءَ تان استعفا ڏياري هئي. اها خبر غلط بہ ٿي سگهي ٿي.

1976ع ۾ يا 1977ع ۾ جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، مان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل ايم. ايم پيرزادي سان ڪراچيءَ جم خاني ۾ ويو هوس. پيرزادو صاحب سکر ۾ منهنجو جونيئر رهي چُڪو هو ۽ رهندو ئي منهنجي آفيس ۾ هو. هونءَ تہ هو شاگرديءَ واري زماني کان وٺي منهنجو دوست هو. مان جڏهن ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هوس ۽ حشوءَ جي فلئٽ ۾ رهندو هوس، تڏهن شام جو مان ۽ پيرزادو اٺ ڏهہ بيئر جون بوتلون پي، صدر ۾ ڏيڍ بہ سير دُنبي جو تريل گوشت کائي، هومر جا بہ ڪردار لڳندا

هياسين، جن جو ناوو نوش عقل ۽ هوش تي اثر انداز نہ ٿيندو هو. هن پيري اسان جڏهن ڪراچي جم خاني ۾ گهڙياسين تہ مون ڏٺو مقصود احمد حميدي، جناب حاڪم علي زرداريءَ سان گڏ ويٺو هو ۽ ڳالهائي رهيو هو. زرداري صاحب بہ تي پيرا مون وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪار سان آيو هو. مان ۽ پيرزادو وڃي ٻيءَ ميز تي ويٺاسين. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ حميدي صاحب اٿي آيو ۽ اچي مون کي چيائين:

"مون کي سڃاڻو نہ ٿا"

مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي تہ هو ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ چيائين:

"مان ڪجهہ وقت روزگار جي سلسلي ۾ وچ اوير هليو ويو هوس. پُٺتي صاحب کي منهنجي باري ۾ ڪا غلط فهمي ٿي هئي ۽ هن مون کي نوڪريءَ مان ڪڍائي ڇڏيو هو." اهو چوندي اداس بڻجي ويو.

مون کيس چيو:

"زرداري صاحب سان بہ منهنجي عليڪ سليڪ آهي. مون دراصل دخل در معقولات ڏيڻ نہ ٿي چاهيو ۽ ان ڪري اسان الڳ ميز تي اچي ويٺاسين. اوهان جي ميز تي ٿا هلون. مون کي ائين بُرو ٿو لڳي تہ زرداري صاحب کي نہ ڪيڪاريان."

پوءِ مان ايم. ايم پيرزادي کان اجازت وٺي، هن سان گڏجي ويس.

حميدي صاحب کي پوءِ ٻيهر نوڪري ملي هئي. جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، سندس بيگم اسان وٽ ڄامشوري هڪ بہ پيرا مهمان ٿي هئي. تازو بيگم راشدي (ممتاز راشدي) منهنجي گهر آئي هئي، جنهن ٻڌايو تہ حميدي صاحب جي بيگم گذاري وئي. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هوءَ هڪ نهايت نيڪ عورت هئي. مان بہ ذري گهٽ صاحبِ فراش آهيان، هُن ڏانهن تعزيت لاءِ بہ نہ وڃي نہ سگهيو آهيان. هاٽي ٻڌو اٿم تہ کيس اسلام آباد ٽرانسفر ڪيو ويو آهي. هونءَ مان حميديءَ جي گهر ڪراچيءَ ويندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن وٽ ماني کائيندو هوس.

هڪ پيري منجهند جو هُن وٽ ويس تہ هن چيو تہ ماني کائي، پوءِ وڃ. هو تازو هندستان مان موٽيو هو ۽ اتان جا تاثرات ٻڌائي رهيو هو. الائجي ڪيئن شعر وشاعري جي ڳالهہ تي مون هن کي پنهنجو اردو نظم:

دور کیلاش سے
چاند ہیمنت کا
میرے من کو ہمیشہ بلاتا رہا.......

ٻڌايو تہ هن بيگم صاحبہ کي سڏي چيو: ”هي اردو نظم بہ ٻڌ. مون اهڙو اردو نظم اڃ تائين نہ ٻڌو آهي.“

حميدي صاحب کي ادب لاءِ ڏاڍو چڱو ذوق آهي. مون کي هن جي تحسين پسند آئي ۽ مون هن جي فرمائش تي هن کي نظم ٻيهر ٻڌايو.

سکر ۾ ڪيئي سيشن جج ۽ هاءِ ڪورٽ جا جج منهنجا واقفڪار رهيا آهن. ڪي تہ دوست بہ رهيا آهن. علي نواز ٻڏاڻي جڏهن سکر ۾ سول جج هوندو هو ۽ پوءِ هاءِ ڪورٽ ۾ جج ٿي ويو. تڏهن اُنهيءَ وٽ ڪنهن ڪنهن وقت مان چيمبر ۾ هليو ويندو هوس. هو طبيعتاً فلاسافر هو ۽ ڪائنات جي رموز ۽ اسرار تي گفتگو هن جو مرغوب موضوع هو. هن وقت خبر نہ آهي تہ هو رٽائر ٿي ويو آهي يا ڪنهن نوڪريءَ ۾ آهي! اسان فلسفي جي موضوع تي ڊگها بحث ڪندا هئاسين ۽ ٻنهي کان وسري ويندو هو تہ اسان جون ڪي ڪاروباري مصروفيتون بہ آهن.

تاج محمد ابڙو جمال ابڙي جو گهرو دوست ۽ شايد مائٽ بہ هو. هو ڪامريڊ ماٺهو هو ۽ ڪامريڊ نذير حسين جتوئي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ جو دوست هو. منهنجي بہ هن سان ڪافي گهرائپ هوندي هئي.هو لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ جڏهن مان لاڙڪاڻي ويو هوس تہ هُن فراخدليءَ سان بہ ٽي ڀيرا منهنجي ماني ڪئي هئي. مانيءَ تي جمال صاحب جو وڏو ڀاءُ شمس الدين ابڙو بہ آيو هو. جو ڪجهہ سال پوءِ گذاري، جمال صاحب کي ڏاڍي غم ۾ ڇڏي ويو. هاڻي تہ جمال صاحب جو ننڍو ڀاءُ ڪمال ابڙو بہ گذاري چڪو آهي، جنهن جو ذڪرمان حيدرآباد جي سلسليوار احوال ۾ ڪندس. في الحال مون تاج محمد ابڙي جي ڳالهہ ٿي ڪئي. جڏهن ٻتو صاحب چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ٿي آيو تڏهن تاج محمد کي ائڊيشنل سيشن جج ڪيو هئائين ۽ هن جو پهريون تقرر سکر ۾ ٿيو هو. هو اڪثر ٿي مون سان گهايل مايل هوندو هو. تن ڏينهن ۾ مون وٽ بہ موٽرون هونديون هيون، ٽوياٽا ڪارونا ۽ ٽويوٽا ڪرولا. تقرريءَ کان ڏهہ پندرهن ڏينهن پوءِ هُن لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ

مون کان هڪ ڏينهن لاءِ ڪار گهري. تن ڏينهن ۾ اڪثر جج وڪيل جي ڪار تي پنهنجو حق سمجهندا هئا. جيتوڻيڪ مون کان ڪار گهُرندي کنهن کي ورلي همت ٿيندي هئي. مون خوشيءَ سان تاج محمد کي پنهنجي ٽويوٽا ڪرونا ڏني. فقط اُن ڪري جو هُو مون لاءِ ”ڪامريڊ تاجو“ هو ۽ ان ڪري نہ، تہ هو سکر جو ائڊيشنل سيشن جج هو. هن ٽي چار ڏينهن لاڙڪاڻي بنا اطلاع جي ڪار روڪي ڇڏي ۽ جڏهن موٽي آيو تہ ڪار کي وڏو ڇِڪُ هو. مون ڊرائيور کي چيو تہ ڪار ڏوٿاري ڪارخاني ۾ نهرائڻ لاءِ ڏئي اچي. پندرهن ڏينهن کان پوءِ هن مون کان وري لاڙڪاڻي لاءِ ڪار گهري. مون کيس چيو تہ:

”ڪرولا ۾ ڪجهہ خرابي آهي ۽ اُن جي نيڪ ٺيڪ ٿيڻ ۾ بہ ٽي ڏينهن لڳندا، باقي ڪارونا تي آءٌ پاڻ ڪورٽن ۾ ويندس.“

هن سمجهيو تہ مان کيس ٽاڻي واٽي انڪار ٿو ڪريان. بهر صورت جڏهن لاڙڪاڻي مان موٽي آيو تہ مان هن جي چيمبر ۾ ويس تہ هن تڙي ڏئي چيو:

”منهنجي چيمبر ۾ اچين تہ اطلاع ڏئي ايندو ڪر.“

مون بہ غصي ۾ چيو:

”تاج محمد صاحب! تون يقين ڪر تہ مان نہ رڳو چيمبر ۾ بنا اطلاع جي نہ ايندس، پر اطلاع سان بہ نہ ايندس ۽ تنهنجي ڪورٽ ۾ نئون ڪيس بہ نہ ڪڍندس ۽ جيڪي تو وٽ پراڻا ڪيس آهن، اُهي بہ ڪوشش ڪري منهنجو جونيئر تو وٽ هلائيندو يا ٻئي ڪنهن وڪيل کي سُپرد ڪندس.“

ڪجهہ مهينن کان پوءِ جمال ابڙي مون کي فون ڪيو تہ هو سکر آيو آهي. هو غالباً اُن وقت سنڌ پراونشل اسيمبليءَ جو سيڪريٽري هو. مون هن کان پڇيو:

”ڪٿان ٿو ڳالهائين؟“

جواب ڏنائين تہ: ”هتي تاج محمد جي بنگلي تي لٿل آهيان.“

مون کيس چيو تہ:

”رات جي ماني تاج محمد سوڌو مون وٽ کائجانءِ.“

رات جو هو مون وٽ تاج محمد سان گڏجي پراڻي سکر آيو. هن کي خبر نہ هئي تہ تاج محمد ۽ منهنجي وچ ۾ ڪائي بہ رنجش آهي. تاج محمد

جڏهن ٿي پيگ پيتا تہ وڃي آسمان تي پهتو ۽ پُٺي سان پنهنجي دوستيءَ جون ڳالهيون شروع ڪري ڏنائين. (مان پانيان ٿو تہ اُهي ڪنهن حد تائين سچيون هيون ۽ ڪجهہ وڌايل هيون). رات جو اٽڪل هڪ بجي هو مون وٽان ڪِل خوشيءَ سان ويا. ڪجهہ مهينن ڪانءِ پوءِ مون ٻڌو تہ تاج محمد جي ٽرانسفر ٿي آهي. هن جي پٽيوالي مون کي اچي چيو تہ:

"تاج محمد صاحب اوهان کي سڏي ٿو."

مون کي دل ۾ آيو تہ انڪار ڪريان، پر مون هن جي پٽيوالي کي ڪجهہ چئي، هُن جي توهين ڪرڻ نہ ٿي چاهي ۽ هن وٽ چيمبر ۾ هليو ويس. هو اٿي بيٺو ۽ مون سان هٿ ملائي چيائين:

"اياز! تون مون سان ناراض آهين."

مون کيس چيو: "هائو"

ان تي چيائين:

"مان ٽرانسفر ٿيو آهيان ۽ توسان ڪجهہ وضاحت ڪرڻ ٿو چاهيان. جڏهن پنو وزير اعظم ٿيو تہ لاڙڪاڻي ۾ مون کي چيائين "تاجو مان تنهنجي لاءِ ڇا ڪريان؟ مان ساري عُمر اي . پي . پي ٿي رهيو هوس، سو هن کي يڪدم چيم تہ: مون کي ائڊيشنل سيشن جج ڪَر، جي هن کي چوان ها تہ هاءِ ڪورٽ جو جج ڪر تہ اهو بہ ڪري ها." پٺي مون کي چيو تہ، "تاجو، تون هفتي ۾ ائڊيشنل جج ٿيندين." پوءِ جڏهن مان سکر ۾ ائڊيشنل سيشن جج ٿي آيس ۽ ڏٺم تہ قلم جي هڪ صحيح، سان ماڻهوءَ کي ڦاسي ڏئي ٿو سگهان، تڏهن مان ٽڙڪو ٿي پيس. معاف ڪجانءِ جو مان توسان بہ ٽرڙائپ سان پيش آيو هوس."

مون سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو :

"تاجو وڌيڪ ڪجهہ نہ چئجانءِ! اهو ڪافي آهي، تون منهنجي لاءِ ساڳيو ڪامريڊ تاجو آهين، مون کي ڪا بہ غلط فهمي نہ آهي."

تاج محمد پوءِ خيرپور ۾ سيشن جج مقرر ٿيو ۽ غالباً نٿي ۾ سيشن جج هو تہ هن رٽائر ڪيو ۽ پوءِ جلد ئي گذاري ويو.

انا لله وانا اليه راجعون!

هن جهڙا صاف گو ۽ صاف دل انسان مون ٿورا ڏٺا آهن.

جڏهن جمال ابڙي جي ڳالهہ نڪتي هئي تہ مان هُن سان وري ٽر جي

سفر تي اسلام ڪوٽ موٽان ها. پر سکر ۽ خيرپور جو احوال رهيل آهي. ان ڪري اهو بہ ٿورو گهڻو لکندو هلان. زندگي هونءَ بہ مسلسل سفر آهي ۽ وقت جي گهوڙي جي واڳ منهنجي هٿ ۾ آهي، جيڏانهن وٺي، ان کي ڦيرايان. هونءَ تہ مون کي شڪارپور، ڳڙهي ياسين ۽ جيڪب آباد جي سفر جي باري ۾ بہ ڪجهہ لکڻو آهي، پر اهو پوءِ موقعي ۽ مناسبت جي احوال سان لکندس. مون ۾ غالب واري ڪيفيت نہ آهي تہ:

ہے رو میں رخشِ عمر، کہاں دیکھئے تھمے
نا ہاتھ باگ پر ہے نہ پا ہے رکاب میں

(عمر جو گهوڙو ڊُڪي رهيو آهي، ڏسجي تہ ڪٿي ٿو رُڪجي، نہ هٿ واڳ ئي آهي نہ پير رڪاب ۾.)

منهنجو تہ هٿ بہ اُن جي واڳ ۾ آهي ۽ پير بہ ان جي رڪاب ۾ آهن. جيڏانهن وٺي ان کي موڙي ٿو سگهان، پر في الحال سکر ۽ خيرپور وٽ اُن جون واڳون ڇڪي، وري نظر ڊوڙايان ٿو.

ڪجهہ وقت اڳ پاڪستان جو ڊفينس سيڪريٽري سليم عباس جيلاني بہ سکر ۾ سيشن جج هو جو مقصود احمد حميديءَ جو گهرو دوست هوندو هو ۽ ٿي سي. ايس. پي هئا. هڪ ڀيرو تہ هو حميدي صاحب سان گڏ منهنجي گهر آيو ۽ گڏجي ماني کاڌي هئيسين. ان کان پوءِ هو عدليا ڇڏي انتظاميہ ۾ هليو ويو. هو نهايت فهميدو ۽ سمجهدار انسان آهي، پر مان هن سان دوستيءَ جي دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهان. ان کان پوءِ هڪ ڀيرو مون سان ڪراچيءَ ۾ مليو جڏهن هو ڪي. اي. ايس. سيءَ جو چيئرمين هو ۽ مون کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏنائين، پر مون کي ٿوريءَ دير ۾ حيدرآباد موٽڻو هو ۽ هن ڏانهن وڃي نہ سگهيس. بعد ۾ هن سان ڪا ملاقات ٿي نہ سگهي.

سکر ۾ سمندر خان منهنجو جونيئر هو. هو عمر ۾ مون کان وڏو هو. هن جون ڳالهيون گل محمد شيخ مون سان ڪندو هو جو مون سان گڏ روپ ولاس هاسٽل ۾ رهندو هو ۽ پوءِ نتي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿي رٽائر ٿيو هو. هو سنڌ جي سنڌباد جهازيءَ ۽ مشهور مصنف انجنيئر الطاف شيخ جو پيءُ آهي. (اميد تہ هو بقيد حيات هوندو.) ٻئي خاڪسار هوندا هئا ۽ ان ڪري هڪ ٻئي جا دوست هوندا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (سنڌي

لينگويج اٿارٽيءَ جو اڳوڻو چيئرمين ۽ لوڪ ادب جو ماهر) بہ هن جو دوست هوندو هو چوتہ انهيءَ ڪي بہ جمال ابڙي وانگر خاڪسار تحريڪ جو پسمنظر آهي ۽ مون کي ياد اچي ٿو تہ جڏهن هو بہ پيرا سکر آيو هو تہ سمندر خان جي اوطاق تي لٿو هو. سمندر خان اوچتو دل جي دؤري سبب گذاري ويو. هو مختيارڪار هو پر پوءِ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي وڪالت شروع ڪئي هئائين ۽ ڪجهہ وقت ٽريننگ لاءِ مون سان رهيو. هن کي فقط اها عادت هوندي هئي تہ هر ڳالهہ تي کلندو هو. هن لاءِ مشهور هو تہ ڪنهن جي تڏي تي ويو تہ ٺهڪ ڏئي چيائين:

”ها..... ها..... ها...... ويچارو مري ويو!“

مان پانيان ٿو اها ڳالهہ ڪوڙي هئي، چوتہ هو هڪ خداترس انسان هو ۽ صوم وصلوات جو پابند هو پر مون سان هڪ پيري ساڳي تعدي ڪيائين. مان 1965ع واري جنگ دوران سکر جيل ۾ ٽي مهينا نظربند هيس. اها منهنجي خلاف سازش رٿي وئي هئي ۽ اُهي سازش رٿڻ وارا يا منهنجي آڏو اچڻ وارا اُن وقت يا ان کان ڪجهہ وقت پوءِ، ازخود نيست ونابود ٿي ويا. رشيد ڀٽيءَ وٽ اهڙن بہ سئو ماڻهن جي لسٽ هوندي هئي، جن کي موت ناري واهہ جي واڳوءَ وانگر ڳڙڪائي ورتو ۽ جي اُها ڪوئي پڙهي ها تہ مون کي صاحبِ ڪرامت سمجهي ها. مون ڳالهہ تي ڪئي1965ع ۾ سکر جيل مان ڇُٽي اچڻ جي. ان جو ڪي قدر احوال مون ”ساهيوال جيل جي ڊائري“ ۾ ڏنو آهي ۽ باقي مناسب وقت تي ڏيندس. هتي رڳو مرحوم سمندر خان جي باري ۾ ٿو لکان!

مان ٽانگي تي ليوڪس پارڪ وٽان وڃي رهيو هوس (غالباً منهنجو ڊرائيور بيمار هو) ۽ سمندر خان ليوڪس پارڪ وٽان پنڌ اچي رهيو هو. مون کي ٽانگي تي ڏسي وڏو ٺهڪ ڏنائين ۽ پڇيائين:

”ها... ها... ها...جيل مان ڇُٽي آئين؟“

مون هن جو ٺهڪ ٻڌي ٺهڪ ڏنو ۽ کيس جواب ۾ چيو:

”ها... ها... ها... سمندر خان تنهنجي دُعا سان ڇُٽي آيس، وار ئي وِنگو نہ ٿيو.“

سمندر خان وري ٺهڪ ڏنو جو جڻ سنڌ جي تاريخ تي ٺٺوليءَ وانگر هو. مرحوم سمندر خان ڪنهن وقت پاڻ تي بہ ٺهڪ ڏيندو هو. هڪ دفعي

هن مون کي ٻڌايو تہ هو لاهور مان ريل ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ اچي رهيو هو. هن جي پرسان هڪ شخص ويٺو هو جو شڪل صورت ۾ سنڌي ٿي لڳو. سمندر خان هن کان نالو پڇيو. هن جواب ڏنو "دريا خان" هو ڏريا خان کوسو هو جو اسيمبليءَ جو ميمبر هو. دريا خان موٽ ۾ سمندر خان کان نالو پڇيو. هن چيو "سمندر خان." دريا خان اُن تي ڪاوڙجي ويو ۽ هن سمجهيو تہ هُن جو همسفر هن تي ٽوڪ ڪري رهيو آهي. سمندر خان ٺهڪ ڏئي مون کي ٻڌايو:

"ها... ها... ها... مون کي هن کي مطمئن ڪرڻ ۾ ڪلاڪ لڳو تہ واقعي منهنجو نالو "سمنڊر خان" آهي."

سمندر خان منهنجو پاڙيسري هو ۽ هن جو پٽ مقصود مغل منهنجو جونيئر هو. هُو بہ ڪلٽو ۽ رلٽو ملٽو آهي. هو صادق پٽيءَ سان گڏ منهنجو تيستائين جونيئر هيو جيستائين مون سکر ڇڏيو. هن پنهنجي فرشتا صفت ماءُ جي ڏاڍي خدمت ڪئي هئي، جا وفات کان اول ساندهہ پنج سال فالج ۾ مبتلا هُئي. هڪ کٽ تي سُتي پئي هوندي هئي. ماءُ جي پيرن هيٺان هڪ بهشت نہ، ست بهشت آهن. بيمار ماءُ جي خدمت کان ڪوئي بہ ثواب وڌو ٿي نہ ٿو سگهي. مان هن وقت تائين ان ڪري زنده آهيان، جو مون کي ماءُ جون دعائون آهن. ماءُ جي دعا هر بديءَ خلاف ديوار هوندي آهي. اها غيب جي هر يلغار کي روڪي سگهندي آهي. ساڳيءَ طرح هن جي پٽ لوح محفوظ تي ليڪ هوندي آهي. ان کي ڪوبہ مٽائي نہ سگهندو آهي. پر مون ماءُ جي ٿوري خدمت ڪئي هئي، جي اجا وڌيڪ ڪريان ها تہ "سئو سالن جي عمر تائين" پنهنجي گهر ۾ "عزرائيل جي داخلا ممنوع آهي." جو بورڊ در جي ٻاهران هڻي سگهان ها.

صادق پٽي بہ هڪ خوش گفتگار انسان آهي. هن جي والد سڪندر پٽيءَ سان منهنجي نياز مندي رهي آهي، جنهن جي عمر هاڻي پنجاسي ورهين کان وڌيڪ آهي. اهو بہ اسان جي جيمخانہ ڪلب جو ميمبر هوندو هو. پر ٽينس راند ڪيڏي گهر هليو ويندو هو ۽ شراب کي هٿ نہ لائيندو هو. هو پروفيسر مسرت مرزا (مصوره) جي مرحوم والد مرزا فضل حسين صاحب جو گهرو دوست هو ۽ اڪثر ان جي صحبت ۾ نظر ايندو هو. مرحوم مرزا صاحب جا پير پاڳاري سان گهرا تعلق هوندا هئا ۽ هو اُن باري ۾ اڪثر مون سان ذڪر ڪندو هو. جڏهن بہ مان خيرپور ڪيس هلائڻ ويندو هوس تہ

منهنجي ڪار صادق ڀٽي هلائيندو هو. هن جو پيٽوبو آرميءَ ۾ ڪرنل هوندو هو ۽ اسان سياست ۾ آرميءَ جي ڪردار تي بحث ڪندا ويندا هياسين.

مان دراصل ڪيترن ئي سالن کان خيرپور ۾ ڪجهہ ڪيس ڪٽندو هوس، ڇوتہ سکر کان خيرپور تائين خوبصورت رستو ۽ پنهي پاسن کان کجورين جي باغن سان جهنجهيل هوندو هو جن ۾ جهمڪن وانگر ڏوڪن جا ڇڳا لڙڪندا هئا. باغن ۾ ڪجهہ انبن جا وڻ بہ هوندا هئا. کجين جي وچ ۾ لوسڻ ۽ برسيم لهرائيندو هو ۽ ساوڪ اکين کي ٿڌاڻ پهچائيندي هئي. هونءَ تہ جڏهن جهولا لڳندا هئا، ڏنگ ڏوڪا ۽ انب پچندا هئا. تڏهن واءُ لونءَ کي لهسائيندي هئي ۽ مُنهن تپي تامڻي هٽي ويندو هو. پوءِ بہ مان ڪار جو ايئر ڪنڊيشنر نہ هلائيندو هوس ۽ انهيءَ ڪوسي هوا جو لطف وٺندو هوس، جا ننڍي هوندي منهنجي روح ۾ سمايل آهي. سکر کان خيرپور تائين ڪار ۾ سفر مون کي نئين زندگي ڏئي ڇڏيندو هو. منهنجي وائيس چانسلر ٿيڻ کان پوءِ خيرپور ۾ اڳ ڪنيل ڪيس جناب غوث علي شاهہ هلائي پورا ڪيا، جو گذريل گورنمينٽ ۾ ڊفينس منسٽر (وزير دفاع) هو ۽ پٺي پيري منهنجي بيماريءَ کان پوءِ سکر هاءِ ڪورٽ جي مشهور وڪيل اسلم جعفري هلائي پورا ڪيا، جنهن لاءِ مان پنهي جو بيحد ٿورائتو آهيان.

ڪڏهن ڪڏهن مان ڪيس هلائي تنوير عباسيءَ ۽ سندس بيگم قمر عباسيءَ جو سلام پري ايندو هوس. هنن سان منهنجا تعلقات ٽڏا تي ويا هئا، ان ۾ سراسر منهنجو قصور آهي. اها بي ڳالهہ آهي تہ تنوير کي ادبي دنيا ۾ منهنجي پذيرائي پسند نہ ايندي آهي. پر تنوير جو مرحوم ڀاءُ الطاف عباسي منهنجو ۽ نعيم دريشاٽيءَ جو گهرو دوست هو ۽ هنن سان منهنجون ڪيئي راتيون گڏ گذريون هيون. هو جڏهن گذاري ويو تہ مان تنوير وٽ فاتحہ لاءِ نہ ويس ۽ رڳو هن جي ڀاءُ عبدالنبي عباسيءَ وٽ فاتحہ لاءِ ويس، جو اُن وقت حيدرآباد ۾ ايس. اي هو ۽ ان کي ڪافي سمجهيم، ڇوتہ مرحوم الطاف جي گهر واري بہ هُن وٽ رهيل هئي.

تنوير جي زال قمر عباسيءَ جي والده گذاري وئي تہ ڪيتري وقت کان پوءِ مان هن جي گهر فاتحہ لاءِ ويس، سو بہ جڏهن خيرپور ڪئمپس جي انسپيڪشن لاءِ ويو هوس. اُن وقت شايد شهيد ڀُٽي کي ڦاسي اچي چُڪي هئي. قمر مون سان گهر ۾ ايترو سختيءَ سان ڳالهايو (اُن ۾ هوءَ ڪنهن حد

تائين حق بجانب بہ هئي) جو مان ان کان پوءِ ڪيئي سال نہ ويس ۽ پهريون پيرو تڏهن ويس، جڏهن نوڪريءَ جي خاتمي کان پوءِ منهنجو نئون ڪتاب ڇپيو هو جنهن جي ڪاپي تحفي طور ڪٽي مان تنوير کي پهچائي هئي.

خيرپور ۾ ڪيس مان اُن ڪري بہ ڪٽندو هوس، جو مون کي سکر وانگر خيرپور جي هاري طبقي سان واسطو پوندو هو. اُتر سنڌ جا هاري مون کي سنڌ جي ٻي گهر هاريءَ وانگر لڳندا هئا ۽ سکر، خيرپور، نري ميرواهہ، شڪارپور، ڳڙهي ياسين، جيڪب آباد، ميرپور ماٿيلي، اُٻاوڙي ۽ انهن جي پسگردائيءَ جي ڳوٺن جا ڪيترائي ڪيس گهٽ فيءَ تي ڪٽندو هوس، ڇوتہ اتان جا ماڻهو نہ رڳو مظلوم هئا، پر اُنهن سان ڪچهريون ڪري مون کي نہ رڳو ڳوناٽي جيون جي باري ۾ پتو پوندو هو پر سنڌيءَ جا سوين لفظ ڏيان تي ايندا هئا، جي پر مانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ بہ ڪونہ هئا. جنهن جي مون وٽ هڪ پراڻي ڪاپي هئي. منهنجو خيال هو تہ صحيح معنيٰ ۾ جي انسان ڏسڻو هجي، جنهن ۾ ماڻهپو آهي، مريادا آهي، پر آپي پڻو ڪونہ آهي، شهر جي دغا ۽ فريب جي ماحول کان دوري آهي، ويساهہ آهي، خدا ۽ تقدير تي مڪمل ڀروسو آهي ۽ جو رضا تي راضي آهي تہ اهو سنڌي هاري آهي.

ائين آهي تہ هن ۾ ساٿ ساٿ دهشتگرديءَ جو عنصر بہ آهي. هو وڏيري جا ظلم، سماج جي رسم و رواج جا ظلم، ڪاموري ڪڙي جا ظلم، ٻيلي کاتي ۽ آبپاشيءَ وارن جا ظلم ۽ ٻيا طرح طرح جا ظلم ڏسي اندر ۾ چور چور ٿي پيو آهي ۽ پوءِ جڏهن هن کي بندوق ملي وڃي ٿي تہ پاڻيءَ جي واري تي، آواندن جي رکواليءَ تي، ٻنيءَ جي ڪڙئي سان ڪوئنس تي، ڪوڙي آنا جي تسلي لاءِ پيڻ، ماءُ، سئوٽ جي چادر ۽ چؤديواري لاءِ، پاڻ جهڙي مظلوم ڀاءُ جي سيني ۾ گولي هڻي ٿو يا گهر جي ڀاتيءَ جي رت ۾ هٿ رڱي ٿو ۽ پوءِ جڏهن هن جو روح پٿر ٿي وڃي ٿو تہ هُو ڪلاشنڪوف کڻي ٿو ڌاڙا هڻي ٿو ماڻهو اغوا ۽ قتل ڪري ٿو.

مون کي انهن هارين جي زندگين جا قصا ڪهاڻيون وڻنديون هيون، مان انهن سان ڪافي وقت رهاڻيون ڪندو هوس. هنن کان ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ ۽ اتان جي وڻن ٽڻن، ڏڻين ڏورن، پکين پسن، مڙسن زالن، اُنهن جي چڱاين مٺاين،ڏکن سکن، رسمن ريتن جي باري ۾ پڇندو هوس. ڇيخوف شهر ۾ ڊاڪٽري ڪندو هو پر هن کي ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ جي پوري

خبر هئي، ڇوتہ هن جا مريض ڀهراڙيءَ جا هونداهئا. پاڪستان ۾ اردوءَ جو شاعربنياديءَ طرح شهري آهي ۽ هن جو ڀهراڙيءَ جي ماڻهوءَ سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. مون پنهنجي مؤڪلن سان ڪچهريون ڪري تترن جي شڪار جي طريقن ۽ ڪارن، ڀورن، ايراني تترن جي عادتن جي معلومات حاصل ڪئي، ڏيهيءَ جي شڪار جي باري ۾ تفصيل بہ ورتا. بگهڙن ۽ هرڻن کي ڦاسائڻ جا طريقا ڄاتا. هرڻن جي شڪار کي شڪاريءَ جي اکين سان ڏٺو. پلن جي پَن جي شڪار ۾ بہ شريڪ رهيو آهيان.

پراڻي سکر ۾ اسان وٽ ڪوئي مهاجر شڪاري هو. جيڪو پکين مارڻ واري بندوق ۾،ڇرا ڪٽي ساري پراڻي سکر جا چڪر ڏيندو هو ۽ جڏهن بہ ڪوئي ڪبوتر ڏسندو هو تڏهن ان تي فير ڪري ان کي ماري ڇڏيندو هو. مهاجر ڇوڪرا جن کي بندوق نہ هوندي هئي، اهي منهنجا سارا ڪبوتر گليل سان ماري ويا. جي منهنجي گهر جي ڇوٽين ماڙيءَ تي ويٺا هوندا هئا. ائين جڏهن مهاجر نوان نوان آيا هئا، تڏهن انهن ڪراچيءَ جي ٽياسافيڪل هال ۽ ٻين جڳهن تي سارا ڪبوتر ماري کاڌا هئا، ڇوتہ اهي حلال هوندا هئا. سنڌ ۾ ڪبوتر کي سيد سمجهندا آهن ۽ هن کي مارڻ ٻُرو لڳندو آهي. مون نہ رڳو ٽرافلگر اسڪوائر لنڊن ۾ پر ٻين ڪيترن جڳهن تي ڪئي ماڻهو ڏٺا آهن، جي ڪبوترن کي ڍير سارو چوڳو وجهندا آهن ۽ انهن کي مارڻ جو تصور بہ نہ ڪندا آهن. مان ڀانيان ٿو تہ چيني بنيادي طرح بي رحم قوم آهي. مائوءَ جڏهن ڏٺو تہ جهرڪين جي وِنين سان بيجنگ جي پٽين جو رنگ خراب ٿي رهيو آهي تہ هن حڪم ڏنو تہ بيجنگ ۾ ساريون جهرڪيون ماريون وڃن. نتيجو اهو نڪتو تہ ڳاڙها ڳيرو جهرڪين جي ڪاهي ڪڍ پيا ۽ بيجنگ ۾ هڪ جهرڪي بہ نہ ڇڏيائون. اسان جي رسول اڪرم صہ سان هڪ روايت منسوب آهي تہ هن وٽ هڪ ماڻهو غاليچو کڻي آيو ۽ چيائين:

"يارسول خدا! مان هڪ جهنگ مان وڃي رهيو هوس تہ ننڍڙن پکيئڙن جا آواز ٻڌم. مون انهن کي غاليچي ۾ ويڙهيو. ايتري ۾ هنن جي ماءُ پرڙا ڦڙڪائيندي آئي، مون هن جي ٻچن کي غاليچي ۾ وري ويڙهيو ۽ اهي توهان لاءِ آندا اٿم."

رسولِ خدا فرمايو تہ:

”انهن کي هيٺ ڏرتيءَ تي رک.“

انهيءَ ماڻهو جڏهن ائين ڪيو تڏهن انهن پکيئڙن جي ماءُ انهن وٽ اچي پهتي. ان تي رسولِ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم چيو:

”توکي ٻچن لاءِ ماءُ جي پيار تي تعجب نہ ٿو ٿئي!

مون کي خداءِ ذوالجلال جو قسم آهي تہ خدا پنهنجي مخلوق سان اِنهيءَ ماءُ کان بہ وڌيڪ پيار ڪري ٿو. انهن پکيئڙن کي اُتي موٽائي رکي آءُ، جتان تو اُهي کنيا آهن ۽ انهن کي انهن جي ماءُ سان رهڻ ڏي.“

گهڻا ماڻهو اِها روايت هانوَ سان هنڊائي سگهيا آهن؟

اسان جي گهر جي بالڪونيءَ ۾ ڪبوتري ڪک ڪنا ڪري، انهن تي آنا لاهيندي آهي ۽ اهي اتي پيل صندليءَ جي هيٺان رکي، انهن تي آرو ڪندي آهي. جيستائين اُها آنا ڦوڙي، ٻچا وڏا نہ ڪندي آهي، تيستائين منهنجي زال زرينا ڪنهن ٻار کي بالڪنيءَ ۾ وڃڻ نہ ڏيندي آهي. هوءَ ٻن ٽن پاٽن ۾ پاڻي ۽ چوڳو بہ وجهي رکندي آهي، جنهن تي ڍير سارا پکي اچي مڙندا آهن. مان پاڻيان ٿو تہ انسانيت جي بهترين نشاني پکين سان پيار آهي. مون مِرن جي شڪار جي باري ۾ تفصيل معلوم ڪيا آهن ۽ نهايت غور سان ڏٺو آهي تہ انسان ڪيتريءَ حد تائين اشرف المخلوقات نہ آهي.

مان هتي هڪ غير معمولي سنڌي ڪسان سان پوري ڪچهري لکان ٿو جيئن پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن تہ منهنجو ڪهڙن ماڻهن سان ڪم پوندو هو! وڪالت جي پيشي ۾ رهي بہ منهنجي ڪيفيت اُها هئي، جا غالب هيٺئين شعر ۾ اظهاري آهي:

گو میں رہا رہینِ ستم ہائے روزگار،
لیکن تیرے خیال سے غافل نہیں رہا.

ترجمو: جيتوڻيڪ مان زماني جي ڏکن ڏاکڙن ۾ جڪڙيل هوس. تڏهن بہ تنهنجي خيال کان غافل نہ هوس.

الهوڏايو انڍڙ ميل انڍڙ، تعلقي پني عاقل جو ويٺل هو سعدپور ۽ صالحاڻي ٻيلي جي دنگ تي هن جو گهر هو. هن جي سڄي خاندان کي 35 ايڪڙ زمين هئي، جا ديهہ سعدپور، صالحاڻي ۽ هنگورجا ٻيلي ۾ ٻين جي زمين سان گڏ سرڪار پنهنجي مقصد لاءِ ڪنئي هئي. مون انهيءَ زبردستي قبضي خلاف سيني جي هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي هئي، جنهن

۾ تر جا ڪيئي هاري عرضدار هئا.

الهوڏائي انڊڙ جي عمر سٺ سالن کان مٿي هئي ۽ اتر جي هر سنڌي هاريءَ وانگر هو مٿي تي سنڌي ٽوپي، بدن تي سادو چولو گوڏ ۽ پيرن ۾ چمپل پائيندو هو.

مرحوم عبدالقادر انڊڙ هاري ليڊر هوندو هو ۽ انهيءَ کان الهوڏائي ٻڌو هو تہ اِهي ٻيلا انگريزن1884ع ۾ رکايا هئا. اُنهن ۾ ڪنڊا، لَوا، ڪبڙ، ڦاڙهہ، ڪانڊيرا، اڪ وغيره ٿيندا هئا. صدر ايوب جي زماني ۾ اهي ٻيلا ڪٽيا ويا هئا ۽ اُتي زمينون ٺاهيون ويون هيون، جيِ رٽائر ٿيل فوجين ۽ ٻين سرڪاري آفيسرن کي الاٽ ڪيون ويون هيون. مارشل لا ريگيوليشن 115هيٺ پٽي صاحب انهن زمينن مان هر هاريءَ کي سورنهن ايڪڙ ڏنا هئا. پر دراصل ڪامورن اُنهن سورهن ايڪڙن جو قبضو ڪين نہ ڏنو هو. الهوڏائي ۽ هن جي هاري دوستن جا انهن ٻيلن ۾ گهر هئا. (مون تہ هي نوٽ ڪهاڻيءَ لاءِ ورتا هئا، پر ڪهاڻي لکڻ ڪانسواءِ اهي اکر بہ اکر ٿو ڏيان ۽ جيڪڏهن انهن ۾ هن سفرنامي سان تسلسل نہ ملي تہ ان ڳالهہ کي نظر انداز ڪيو وڃي. مان اهو ڏيکارڻ ٿو چاهيان تہ سنڌ مان مون کي شاعريءَ لاءِ مواد ڪيئن مليو آهي.)

انهن ٻيلن ۾ پالتو جانورتہ اُٺ، ٻڪريون، رڍون ۽ مينهون هونديون هيون. ڪجهہ ڳئون بہ هونديون هيون ۽ جهنگلي جانور بگهڙ، گدڙ سهڙ، سوئر، چانگها، ڦاڙها، سيڙهہ، لونبڙ، ڪٽور ٻلو (ان جي جسم ۾ خوشبو ٿيندي آهي ۽ جتان لنگهي ويندو آهي تہ اتان ڪافي وقت اها نہ ويندي آهي) ٿين. ٻيلن ۾ پکي، ڳيرا، ڪٻريون، ڪانوَ باز سرٽيون، (جي ڪنڊيءَ يا لئيءَ تي آکيرا ٺاهينديون هيون .) ڪاري ڪٽڇي، هيڙها، ڍانڊيئڙا، پُوريون، تتر، (بگڙا، ڪارڙا ۽ ٻاتيرا) چٻرا، مَٽاءُ پکي، هدهد، ٽيٽيهر، چاپاڪي پکي هوندا آهن. پکين جو عادتون ٻڌائيندي هُن چيو تہ:

”چٻرو وڻ جي پور يا ڏرڙ ۾ آکيرو ٺاهيندو آهي، جيڪڏهن ماڻهو هن کي اکيون ڦوٽاري ڏسندو آهي تہ هو بہ موٽ ۾ ماڻهوءَ کي اکيون ڦوٽاري ڏسندو. ماڻهو هن کي شوڪي ڏسندو آهي تہ هُو بہ موٽ ۾ ماڻهوءَ کي شوڪي ڏسندو آهي ۽ جي ماڻهو هن جا ويچارا ڪيندو آهي، تہ هو بہ ماڻهوءَ جا ويچارا ڪيندو آهي. ٽيٽيهر لاءِ عام ماڻهو چوندا آهن تہ اها ٽنگون مٿي ڪري سمهندي آهي تہ جيئن آسمان مٿانئس ڪِري نہ پوي. هَرَ ڪاهيل

زمين ۾ قوڙن يا پيندن ۾ جاءِ ناهي، آنا لاهيندي آهي ۽ ٻچن کي ڪُڪڙين وانگر ڇِڱائيندي آهي.“

هن جي پوئين عادت ڏسي، هن کي ڪميونسٽ پکي نہ ٿو چوان، نہ تہ پهريون بہ عادتون، هن جي اشتراڪي فطرت جي نشاندهي ڪن ٿيون.

”چاپاڪي رات جو ماڻهوءَ جي اڳيان اچي ويهندي آهي. رنگ مٽيءَ وانگر ميرو ٿيندو اٿس. ماڻهو سولو ايندس تہ شُوڪري اڏامي ويندي.

ڪار ڪٽڇي جتي باهہ لڳي اتي پهچي ويندي آهي. چون ٿا تہ حضرت ابراهيم عليهم السلام کي جڏهن باهہ ۾ وڌو هيائون، تڏهن هُن چهنب ۾ پاڻيءَ جي بوند آڻي باهہ وسائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هُد هُد کي ڊڪڻ پکي بہ چوندا آهن. اُن جي نظر ڌرتيءَ ۾ ويندي آهي. اهو بہ چيو ويو آهي تہ هد هد حضرت سليمان عليہ السلام سان گڏ هوندو هو ۽ حضرت سليمان عليہ السلام کي ان جاءِ ڏانهن نيندو هو جتي بہ پاڻي هوندو هو.“

الهوڏائي انڊڙ جو گهر وچ ٻيلي ۾ هوندو هو جو ٻيلو ڪپي سرڪار چانوٽي ناهي رهي هئي. هن جو پيءُ بہ هاري هو ۽ ننڍي هوندي خناق جي بيماريءَ ۾ گذاري ويو هو. سندس وڏو ياءُ ۽ ڏاڏو بہ هاري هئا. هن کي ٽالسٽاءِ يا رجنيش جهڙي ڏاڙهي هئي، جا هو ونائيندو هو تہ غريبيءَ جي باوجود رعبدار مڙس لڳندو هو.

انهن ٻيلن ۾ بگهڙ تمام گهڻا هوندا هئا. مان جڏهن بہ پيرا لنڊن ويو هوس، تڏهن پهرين پيري پنهنجن دوستن راج ۽ گيتا سان، ٻئي پيري ٻئي دوست مگسيءَ سان چڙيا گهر ويو هوس، جتي مضبوط خاردار جهاڙين پنيان سئو ڪن بگهڙ واڙيل هئا، جي سج کي لهندو ڏسي اوناڙيندا هئا ۽ اوناڙ ڪائنات کي چيري ڪتان جو ڪٿي وڃي پهچندي هئي. الهوڏائي، جنهن جي جوانيءَ واري ڏؤر ڪان وني عمر بگهڙن سان گذري هئي، انهن جو عاشق بہ هو ۽ قاتل بہ هو. جيئن هيمنگوي جي ناول 'پوڙهو ۽ سمنڊ' (Old man and the sea) ۾ پوڙهو ماهيگير مڇ جو عاشق بہ هو ۽ قاتل بہ هو. انڊڙ وڏيڪ ٻڌايو تہ:

”نر بگهڙ جو ڪنڌ ٿلهو ٿيندو آهي ۽ نرڙ ۾ عزرائيل جو وار ٿيندو اٿس. بگهڙ کي سامهون ڏسڻ سان ڏنار کي دهشت وٺي ويندي آهي ۽ هن جي نڙي گهُٽجي ويندي آهي. بگهڙ جو رنگ ڪٽو ۽ ميرانجهڙو ٿئي، هن جي ڪنن

۽ منهن تي ڪارا ليڪا ٿيندا آهن. هن جي پانچ (ڊيگها) ڪافي ڊگهي ٿيندي آهي، ڪن اُيا ۽ پُڇ پوئتي ڊرو ڇڏيل، (ڪتي جو پڇ گول هوندو آهي ۽ وَري ويندو آهي) اکين شيرين ۽ ٻوٽ سنهو هوندو آهي. نر بگهڙ جو ٿلهو ڪنڌ ڪانڊاريل هوندو آهي ته شير جي ڏِک ڏيندو آهي. بگهڙ پڇڻ جو ڏاڍو تکو هوندو آهي ۽ وڏو ڇال ڏيندو آهي. ڏينهن جو گهاٽي جهنگ ۾ گڏجي ٻه ٽي بگهڙ ڏنار کي تاڙيندا آهن. جي ڏنار اڳ ۾ هوندو آهي ته بگهڙ هُن جي ٻڪري چوريءَ ڪٽي ويندو آهي. (آمريت لاءِ اها نهايت خوبصورت تشبيهه آهي) پهرين بگهڙ ٻڪريءَ کي نڙيءَ ۾ چڪ هٽندو آهي ۽ هوءَ دانهن نه ڪري سگهندي آهي ۽ پوءِ ان کي گهِلي ويندو آهي. جي ڏنار کي سڌس پوندي آهي ۽ مُنهن ڦيرائيندو آهي ته پيٽ ڦاڙي ڇڏيندو اٿس، جي ڏنار کي خبر نه پئي ته هن کي گهلي، صفا ماري پهرين هانءُ، ٻڪيون، جيرا ۽ ڪوڙيءَ وارو گوشت کائيندو اٿس ۽ باقي جيڪي بچندوآهي، سو ڇڏي ويندو آهي. اُن کي گدڙ ۽ ڳجهون کائي ڇڏيندا آهن. جڏهن اهي هليا ويندا آهن ته ڪيڙا ماڪوڙا اچي هڏن تي مڙندا آهن. انهن ڳجهن کي ڳاڙها لُڙڪا(موڙ) ٻه هوندا آهن ۽ انهن کي ڳرڙيل ڳجهون چوندا آهن. اُهي بگهڙ جي کائي وڃڻ کان پوءِ يڪدم اچي لهنديون آهن. (اسان جي ملڪ ۾ آمريت هيٺ بورجوازيءَ جي ساڳي حالت آهي.) ڏنار ڳرڙيل ڳجهن کي لهندي ڏسندو ته پائيندو بگهڙ شڪارڪري ويو آهي. بگهڙ ٻڪريءَ يا رڍ کي رات جو واڙ مان ٻه ڪٽندو آهي، ان ڪري ڏنار واڙ کي ڍنگهرن جو لوڙهو ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ مالڪ لوڙهي جي ڳِلي وٽ سمهندا آهن. ڳلي کي تاڙين (پٽين) جو در هوندو آهي ۽ در کي بند ڪرڻ لاءِ مُڃ يا ڏاس جي واڳ وجهندا آهن. بگهڙ تاڙيندو آهي ته اڳيان ڏنار ته ناهي ۽ جي نه هوندو آهي ته لوڙهو ٽپي ويندو آهي. ڏنار گهٽو ڪري ڪٺ يا منجي تي ڳلي کان ڪجهه پري سمهندو آهي. جي لوڙهو پنجن فوٽن کان مٿي هوندو آهي ته بگهڙ ڏرتيءَ ۾ ڏر هٽي لوڙهي جي هيٺ پاسي نڪري ويندو آهي ۽ ٻڪريءَ کي چَڪُ هٽي، ڪٽي ويندو آهي. بگهڙ انهيءَ معاملي ۾ ڏائڻُ ٿيندو آهي ۽ ڏٻري ڇيلي يا جانور جي ويجهو نه ويندو آهي ۽ سوکي ۾ سوکو ڇيلو ڪٽندو آهي. هو جانور چڪ ۾ ڪٽي يا ته لوڙهو ٽپي ويندو آهي يا ڏر ۾ گهڙي ويندو آهي."

الهوڏائي جو تجربو هو ته ڪن ڳالهين ۾ بگهڙ انسان کان وڏيڪ

سمجهو ٿيندو آهي. جهنگ ۾ سيڙهہ جو وڏيون ڏريون هونديون آهن. بگهڙ سيڙهہ کي ماري ڇڏيندو آهي ۽ بگهاڙي ان جي ڏر ۾ ٻچا وڏا ڪنديءَ آهي. هو ڏر پاڻ نہ کوٽيندو آهي ۽ سيڙهہ جي ڏر کي رڳو ويڪرو ڪندو آهي. رات جو ڪوئي اوپرو ويندو ڏسندو آهي تہ ان تي حملو ڪندو آهي. بگهڙ جي ڪَلَ ڏيجڙي لاءِ تعويذ ۾ پوئي ٻانهن ۾ ٻڌندا آهن يا ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن.الهوڏائي جو چوڻ هو تہ:

”بگهڙ جنات کي سَٽ ڏئي کائيندو آهي. جنات شايد جانورن کي نظر ايندي آهي. جِن واري ماڻهوءَ کي بگهڙ جي کل سڪائي، پاڪ ڪري تعويذ لکي ڏيندا آهن تہ هن کي وري جِن نہ ٿيندو آهي.“

الهوڏائي جنهن راتين جون راتيون گهاٽن جهنگن ۾ گذاريون هيون، اُن جو چوڻ هو تہ:

”جِن کي هَڏ نہ ٿيندو آهي. آڱوٺا ۽ ننهن بہ نہ هوندا اٿس، صرف ماس هوندو آهي. اکيون اُڀيون ٿينديون اٿس ۽ هر شڪل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. جنهن وقت حياتيءَ مان ڪِڪ ٿيندو آهي، اُن وقت پاڻ کي نانگ جي شڪل ۾ بدلائيندو آهي ۽ رستي تان اهڙيءَ طرح ويندو آهي، جيئن هن کي ڪوئي لٺ هڻي ماري وجهي. بگهڙ کيرِ ڪلين وانگر چار ڏند پاسن کان ٿيندا آهن.“

مون الهوڏائيءَ ڏانهن چِتائي ڏٺو. هونءَ تہ هن جي ڏاڙهي چاپئين هئي، پر هن وقت چَرل ڏاڙهي لڳي رهي هئي ۽ پروان اچيون ٿي ويون هيس. هن جا وار بہ چرل هئا ۽ هو ڇهہ فٽو قدآور مڙس هو. هن ڪجهہ ياد ڪري چيو تہ:

”جڏهن جِنُ نانگ ٿي پوندو آهي ۽ هن کي لٺ هڻبي آهي تہ هن مان رت نڪرندي آهي، اصل نانگ مان رت نہ نڪرندي آهي.جِن گهٽو ڪري ڪاري رنگ ۾ تبديل ٿيندو آهي، جنهن جو پيٽ اڇو ٿيندو آهي.“

الهوڏائي وڏيڪ ٻڌائيندي چيو تہ :

”بگهڙ گهڻو ڪري لڳ جي منڊ ۾ ماڻهوءَ سان وڙهندو آهي. ننڍي هوندي هنن جون ٻڪريون بگهڙ ماري ويندو هو. هو وڏو ٿيو تہ ڏهرڪيءَ ۾ هن لوهر کان ڪوڙڪيون ٺهرايون . بگهڙ جي لنگهہ تي هو مٽيءَ ۾ لوهہ جي ڪوڙڪي پوري ڇڏيندو هو. مٽيءَ تي بگهڙ جو پير ايندو هو تہ ٺُڪو نڪري اٽڪي پوندو هو ۽ بگهڙجي ڄنگهہ ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ٿي ويندي هئي. ان

وقت الهوڏائي جي عمر ويهه سال هئي ۽ شادي به نه ڪئي هئائين. “

هڪ ڀيري بگهڙن هن جي ٻڪري ماري وڌي. الهوڏائي وارن ٻڪريءَ جي ڏونڍَ جي چوڌاري ڪوڙڪا پوريا. اُن جي جاءِ تان مٿي ڪِڏي پري اڇلي ۽ گس جي مٿي ڪٽي اڇي ڪوڙڪيءَ تي لٽي. جي ائين نه ڪن ها ته بگهڙن کي شڪ پوي ها ۽ هو ڏونڍ کي ڇڏي هليا وڃن ها. اهو چئي انڊڙوري ورجايو ته :

”بگهڙ کي عقل انسان کان وڌيڪ آهي. توبچي بگهڙ کي ماري نه سگهندوآهي، جي ڪنهن به ڏونڍ تي يا گهٽ تي توبچي ويهندو آهي، ته بگهڙ هوشيار ٿي پيچي ويندا آهن.“

انهن ڪوڙڪين ۾ جي الهوڏائي وارن آڏيون هيون، ڪيئي بگهڙ ڦاٿا. هڪ ڀيري ڪوئي بگهڙ ڦاٿن ۽ ان کي صبح سان ٻڌائون ۽ ڳوٺ ۾ ڪتن سان ويڙهايائون. ڪوڙڪيءَ ۾ بگهڙ جي هڪ ڄنگهه جي نري پيچي پئي ته ساڄيءَ ڄنگهه کي ٽورو مٿي ڪري وري ڪوڙڪو وڌائونس. پر اهو ڏوهجي نڪري ويو ۽ بگهڙ ڪتن کي ماري پيچي ويو. اهو بگهڙ شايد انهن بگهڙن جو وڏو هو. هن جي پيچي وڃڻ کان پوءِ ڏهاڪو بگهڙ آيا ۽ اڇي چرہان (ڪوٺهڙا) ڪيائون. الهوڏائي پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو:

”هڪ ڇهه ماهيءَ ۾ بگهڙ منهنجون بارنهن ٻڪريون ماري ويا ۽ مون ڇهه بگهڙ ڦاسايا. هڪ ڀيري گهر ۾ ڇيلو وَري ۾ هيو ڇيلي ۾ زنجير پيل هو. ڇيلي کي ڪنيائين ته ورو به گهلي ويو. مان پوءِ ٻڪريون ڪچي تي ويهه ميل پري درياهه تي ڪاهي ويس . مون بگهڙ کي هر رنگ ۾ جاچيو آهي. هو ڇڻ منهنجي وجود جو حصو ٿي چڪو آهي. اوهان کي اهو ٻڌي حيرت ايندي ته ڪنهن وقت هو خوشيءَ جي پڪار ڪندو آهي، جا هن جي رڳ رڳ مان هارمونيءَ وانگر نڪرندي آهي ۽ ڪنهن وقت هو غم واري روڄهه ڪندو آهي، جا هُن جي هانوَ مان نڪرندي آهي. ڏايل هوندو آهي ته خوشيءَ واري روڄهه ۾ بگهڙ جون ست نڙيون ٿينديون آهن.“

الهوڏائي ٿڌو ساهه ڀري چيو ته:

”بگهڙ ته رات جو لڪي چوريءَ ايندو آهي، اڄڪلهه ماڻهو ته ڏينهن ڏٺي جو ڏِيناداستيءَ ٺا ڦُر ڪن.“

مون الهوڏائي ۽ هن جي دوستن ڪامريڊ رشيد احمد ۽ ٻين لاءِ چانهه گهرائي ۽ هنن کي وڌيڪ ڪوٺڻ چاهيو. دراصل منهنجو مقصد اهو ڄاڻڻ هو

تہ سنڌي ٻولي ڪيتري نہ شاهوڪار آهي. رائٽرس گلڊ جي جڏهن ڍاڪا ۾ پهرينءَ ڪانفرنس ۾ ويا هياسون تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ اسان سان گڏ هو. هن سنڌيءَ ٻوليءَ جي وسعت ۽ اهميت تي ڪافي زوردار تقرير ڪئي هئي. ان ڪان پوءِ سلهٽ گهمڻ لاءِ هليو ويو هو جو هن اڳ نہ ڏٺو هو. هن جي پرپٺ ڪي اردوءَ جا اديب هن تي سنڌي شاونزم جو الزام هڻي رهيا هئا.

مان هن سان متفق آهيان تہ سنڌي هڪ نهايت وسيع زبان آهي ۽ ان جي تحفظ لاءِ هر جواز موجود آهي، اسان کي ان تي جهيڙو نہ آهي تہ رابطي جي زبان، مشترڪ زبان يا قومي زبان ڪهڙيءَ زبان کي ٿا ڪن. ظاهر آهي تہ مان جي پشاور ويندس تہ بازار ۾ پختون دڪاندار منهنجي سنڌي نہ سمجهندو ۽ مان پختون جي پشتو نہ سمجهي سگهندس. رابطي لاءِ اسان کي انگريزي يا اردوءَ ۾ ڳالهائڻو پوندو. ان ڪري سنڌي تہ پاڪستان جي قومي زبان يا رابطي جي زبان ٿي نہ ٿي سگهي. باقي هن وقت تہ اها حالت آهي تہ دفتري زبان انگريزي آهي ۽ رابطي جي زبان اردو آهي. اُها اردو اهلِ زبان واري اردو کان مختلف آهي، جا هو لکنؤ الله آباد،دليءَ، دکن وغيره ۾ ڇڏي آيا آهن.

مون سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ڄاڻڻ لاءِ الهوڏائي سان گفتگو جاري رکي، جو پڙهيل ڳڙهيل بہ نہ هو. هن چيو:

”مان پني عاقل کان 6 ميل پري ڪچي جي ٻيلي ۾ ٻڪريون چاريندو هوس. اڳ ٽي مهينا ڪچو درياهہ جي وچ ۾ هو ۽ اُتي بگهڙ ڪونہ ايندا هئا.“

منهنجي وڌيڪ پڇا تي هن ٻڌايو تہ:

”ٻرِي ٻڪريءَ جا ڪَنَ مٿي ڪيتڙا ٿيندا آهن، ڪُريءَ جا ڪَن ڏاڍا ننڍا ٿيندا آهن (پاڙ جڻ چچڙ وانگر چنبڙيل هوندي اٿن). لُهريءَ جا ڪن سنهڙا پٽڙا ۽ ڊگها ٿيندا آهن. ٽيڙيءَ جا ڪن ويڪرا ۽ ننڍيءَ جا چنبي جيترا ٿيندا آهن، ليڙي جا ڪن ويڪرا پر ڊگها ٿيندا آهن، ڪٽڇيءَ جا ڪَن ڊگها پر ويڙهل هوندا آهن ۽ ڪاموري تمام سہرِ، پانچ جي ڊگهي ٿيندي آهي. باقي ٿاڪرو ٻڪري اسان وٽ نہ ٿيندي آهي. اها قد جي هلڪڙي، پانچ جي ننڍڙي ٿيندي آهي ۽ اُن جا سڱ گولائيءَ تي ورڪل هوندا آهن. رڍ ٿاڪرو ۽ ٿري بہ ٿيندي آهي.“

مان ڀانيان ٿو تہ ايترو لفظن جو ذخيرو جيترو سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي،

اوترو دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ ۾ نہ آهي. مون جڏهن هُن کان پڇيو تہ:

”تو بگهڙن جو شڪار ڪيئن ۽ ڪڏهن سکيو؟“

هن جواب ڏنو:

”هڪ پيري بگهڙ ٻڪريءَ جا ننڍڙا ڦر کڻي ويو. مون کي جڏهن مائٽن ٻڪرين چارڻ لاءِ چيو تڏهن هڪ منڍڙو بگهڙ ڏڻ کي ماري ويندو هو. هن کي ٽي چنگهون هونديون هيون ۽ انهيءَ جا نشان پري کان ظاهر هوندا هئا. مون هن جا پيرا کنيا ۽ ڳوٺ کان ٻن ميلن جي پنڌ تي هُن جي ڏر ڳولي لڌي. رات جو ڪوڙڪا اڏيم تہ هڪ بگهاڙي (مادي) ڦاسي پئي. ڪوڙڪو زور هو ۽ اُن ۾ هُن جي نري پڇي پئي. پوءِ مون اڪيلي هن جي ڏرِ کوٽي ۽ پنجاهہ سٺ فوٽن تي هن جا ٻچا پيا هئا. ڏر اٽڪل 12 فوٽ اونهي هئي. ڏينهن جو هن جي ڏر کوٽيندو هوس ۽ رات جو گهَٽن تي ڪوڙڪا وجهي ڏر جو در ڍنگهرن سان بند ڪري ويندو هوس. پنج ڏينهن ائين گذاري، ڏر ۾ لڪڙو وڌم تہ بگهاڙيءَ جا ٻچا ڪوڪراٽيون ڪرڻ لڳا. پوءِ انيڙ (مائٽ) ۽ ٻيا اٺ ڏهہ ڄڻا پاڻ سان وٺي آيس ۽ انهن کي چيم تہ اوهان ڏر تي پهرو ڏيو تہ مان اُن مان بَگهاڙيءَ جا ٻچا ڪڍان. منهنجو بُت پريل هو ۽ ڏر مان لنگهي نہ سگهيس. علاؤالدين انيڙ ڏر ۾ ويو ۽ بگهاڙيءَ جا ڇهہ ٻچا پاڻ سان کڻي آيو. انهن مان ٻن کي مون ماريو. ٽي ٻچا ننگر نالي ڪلوڙ کي ڏنم ۽ هڪڙو ٻچو ٻڌي، چوڌاري ڪوڙڪا اڏيم. ٻچي ڪوڪران ڪيون تہ بگهاڙي ڍنگهرن کي ڏندن سان ڪُتري ٻچو کڻي وئي. مون ٻچي جي ڳچيءَ ۾ زنجير وجهي، اُن کي ٻڌو هو. بگهاڙيءَ اهو زنجير بہ ڪُتري اُن کي ڇڏائي وئي.

پوءِ منڍو بگهڙ ڳوٺ جي چوڌاري چڪر ڏيندو هو ۽ مان رات جو موٽي ايندو هوس تہ منهنجو پيرو کنيو ايندو هو. ماريل شڪار جي پرسان منهنجو پير ڏسندو هو تہ پڇي ويندو هو. چوتہ پڻ ٽيندو هيس تہ اِتي ڪوڙڪو اڏيل هوندو. ان کان پوءِ مون ڳوٺ جي گهٽ تي ڪوڙڪا اَڏيا، هو پندرهن ويهہ ڏينهن نہ ڦاٿو. نيٺ هڪ رات ڦاٿو پر ڪوڙڪو چنگهہ ۾ گهلي سيڙهہ جي ڏر ۾ لنگهي ويو. اتي نانگ هئا هڻ ڪڻ، جن هن کي کاڌو ۽ هو مري ويو. اسان هن کي گهلي ٻاهر ڪڍيو.“

”جڏهن بگهڙ ڪوڙڪي ۾ ڦاسندو آهي.“

مون کي الهوڏائي ٿوري دير رکي ٻڌايو ۽ چيو:

”تہ ڪاٺيءَ جي ڪائي توٽي هن جي ڪنڌ ۾ ڏئي، هُن کي زمين تي ليٽائي، قابو ڪيو آهي ۽ پوءِ هن جون ٽنگهون ۽ هن جو ٻوٽ ٻڌي، هن کي ڳچيءَ ۾ ڏگهو زنجير وجهي، ڪنهن وڻ سان ٻڌبو آهي. پوءِ هن جو ٻوٽ ۽ ٽنگهون کولي هُن تي ڪتا ڇڏبا آهن ۽ ڪُتا بہ بلٽري ۽ تازي هوندا آهن.“

مون هن کي غورسان ڏسي چيو:

”ٻگهڙ بہ ٻگهڙ آهي، پر ماڻهو بہ ماڻهو آهي.“

پوءِ مون هن کان پڇيو تہ:

”ٻيلي ۾ تو نانگ ڏٺا هوندا؟“

هن چيو:

”هائو هڪ ڪُنڍاريو ٿيندو آهي. اُن تي ڳاڙها، ڪارا، هيڊا، چٽڪا ٿيندا آهن، پچڻ جو ڏاڍو تکو ٿيندو آهي. اڪثر وڻ جي پور يا پراڻي دڙي ۾ ٻچا ڪندو آهي. ڪاريهر نانگ اصيل يا ڇُهڙو ٿيندو آهي ۽ گهڻو ڪري زمين جي ڏارن ۾ رهندو آهي. سياري ۾ اتي هوندو آهي ۽ اونهاري ۾ ٻاهر ايندو آهي. ٻاهر ڪوئا ۽ ڏيڏر کائيندو آهي.“

مون هن کي ٻڌايو تہ:

”لکنئو جي نواب واجد علي شاهہ تلاءَ ۾ نانگ پاليا هئا ۽ انهن کي جيئرا ڏيڏر اُڇليندو هو. جڏهن اُهي جهپيندا هئا تہ هو خوشيءَ ۾ نہ سمائبو هو.“

”انهيءَ جو انت ڇا ٿيو؟“ الهوڏائي پڇيو.

”انت؟ قدرت جڻ هن کي ڏيڏر وانگر نانگ جي منهن ۾ اڇلايو جو هن کي ڳڙڪائي ويو.“مون جواب ڏنو.

”ڇُهڙي نانگ جو پيٽ اڇو ٿيندو آهي.“

الهوڏائي ڳالهہ جاري رکندي چيو:

”اهو ماڻهوءَ سان وڙهندو آهي. اصيل ڪاريهر ماڻهوءَ سان نہ وڙهندو آهي. باقي لڱ جي موسم ۾ وير رکندو آهي.“

”الهوڏايا! مون سان هن وقت تائين ڇُهڙا نانگ مليا آهن. مون کي ڪيئي ڀيرا ڏنگيو بہ اٿائون، پر قدرت مون کي بچائي ورتو آهي. عجب تہ اِن ڳالهہ تي آهي تہ اهي ڇُهڙا چوندا آهن تہ اسان جهڙو اصيل آهي ئي ڪونہ ۽ ڪي ماڻهو ان ڳالهہ تي اعتبار بہ ڪندا آهن. بهر صورت نانگ نانگ آهي، ڇهڙو هجي يا اصيل هجي.“

”گهوڙيلو بہ هڪ نانگ ٿيندو آهي. ميرانجهڙو اچو سنهڙو ڊگهو پڇڻ جو تکو ماڻهوءَ سان زوريءَ وڙهندو آهي ۽ تمام گهڻو زهريلو ٿيندو آهي. ڪپر بہ نانگ جو قسم ٿيندو آهي. اهو ميرانجهڙو اچو ٿيندو آهي ۽ فوٽ کان ڏيڍ فوٽ تائين ڊگهو ٿيندو آهي. هو اَڪ جي ننڍي موري تي مٿي چڙهي ويندو آهي يا رستن تي ويهي چوريءَ ڏڪ هڻندو آهي. هڻ ڪڻ ڪرڙيءَ جهڙو ٿيندو آهي ۽ اهو ٽپو ڏيئي ڏڪ هڻندو آهي.“

اهو پڙي مون کي پنهنجو مائٽ مرحوم ڊاڪٽر عطا محمد ياد آيو. جنهن جي شڪارپور ۾ اسپتال هئي. هن هڻ ڪڻ کي ماري هڪ بوتل ۾ تيزاب (Sulphuric Acid) ۾ وجهي رکيو هو جا هن جي اسپتال ۾ آيو ويو مريض حيرت سان ڏسندو هو. هو اسان جي مائٽن مان پهريون شخص هو جنهن ڪنهن انگريز عورت سان شادي ڪئي هئي. مان جڏهن هن جي زال جي ڪمري ۾ ويو هوس تہ بجليءَ جا جهارَ جن ۾ شيشي جون سوجيون هونديون هيون، شمع دان، پلنگ ۽ ريشمي دَرَ پردا ڏسي حيران ٿي ويو هوس. ان وقت مان پهريون درجو انگريزي پڙهندو هوس. هن شفقت سان منهنجن خوبصورت گهنڊيدار وارن تي هٿ ڦيريندي چيو هو تہ:

”هائو آر يو (How are you?)“

مون هن کي جواب ۾ ”Fine“ چيو هو تہ هوءَ حيران ٿي وئي هئي ۽ مون کي ڏاڍو پيائيندي هئي.

هڪ پيري سنڌ جو انگريز گورنر (شايد لانسيلاٽ گرهام) هن سان ملڻ آيو هو. تڏهن چؤچاڪين (وڪٽوريا) گاڏين جو رواج هو. انگريزن جي رسم موجب گورنر جي زال عطا محمد شيخ سان چؤچاڪيءَ ۾ هڪ طرف ويٺي ۽ عطا محمد جي زال گورنر سان ٻيءَ سيٽ تي ويٺي. جڏهن گاڏي پاڙي مان هلي وئي تہ منهنجي پيءُ چيو: ”عطا محمد تہ وڏن جي پڳ ئي لاهي وڌي. ڏنئہ پنهنجي زال گورنر سان گڏ ويهاريائين.“

اوچتو منهنجو ڌيان الهوڏائي ڏانهن ويو جنهن چيو پئي تہ:

”هڻ ڪڻ مٿان تارو اڇلي، اُن کي مٿان ڏڪ هڻي ماريندا آهن. ڏڪ سان هو ٽڪرا ٽڪرا ٿي مري ويندو آهي ۽ جي ٽڪرو بہ ماڻهوءَ کي لڳندو آهي تہ هو زهر جي اثر کان مري ويندو آهي.“

”ممڪن آهي عطامحمد ڪوئي سانڊو ماري تيزاب ۾ وڌو هجي ۽

ماٺهن تي رعب رکندو هجي.“ مون سوچيو. هن جو پٽ خورشيد منهنجو دوست هو ۽ ڪمال صديقيءَ جو پارٽنر هو. هو نهايت خوبصورت جوان هوندو هو ۽ اسان سکر جم خانہ ۾ گڏ پيئندا هئاسين. هڪ ڏينهن اوچتو ڪلب ۾ خبر پئي تہ هو گهوٽڪيءَ کان ڪيس هلائي ڪار ۾ موٽيو تي تہ حادثي ۾ گذاري ويو هو. موت جهڙو هَڙ ڪرڻ ڪوئي نہ آهي.

مرحوم خورشيد احمد. شيخ راز جو دوست هو جو ان وقت سکر ميونسپالٽيءَ جو چيف آفيسر هو. هن مرحوم خورشيد ۽ عطا محمد جي ماني ڪئي هئي ۽ مون کي بہ گهرايو هيائين ۽ جيستائين هن کي اسلامي لَڙهو نہ آيو ۽ هن سردار علي شاهہ وارن سان منهنجي خلاف شامل تي روزاني ”مهراڻ“ ۾ اسي قسطون نہ لکيون هيون، تيستائين منهنجو گهرو دوست هو. ماني ڪائيندي عطا محمد ٻڌايو:

”جڏهن هو ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽري ڪندو هو ۽ هلڪي بارش پوندي هئي، تڏهن هن جا دوست ڳچيءَ ۾ ٻئنجو وجهي ۽ ڪلهي تي گٽار کڻي، ملير ۽ لانڍيءَ هليا ويندا هئا ۽ ڪنهن بہ در اڳيان ٻئنجو ۽ گٽار وڄائي چوندا هئا:

”اسان کي بک لڳي آهي، اڄ توهان جا مهمان آهيون.“ عطا محمد 75 ورهين جو ٿي چڪو هو. جڏهن اسان هن کي حيرت سان ڏٺو تہ خورشيد اک پچي مون کي چيو:

”بابو اهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي. تون ماني کاءُ!“

اُن وقت مون کي تيزاب ۾ هڻ ڪڻ آلائجي ڇو ياد آيو هو؟

”هڻ ڪڻ ذرڙن۾ رهنديو آهي.“

الهوڏائي پنهنجا نانگن جي باري ۾ تجربا پورا ڪيا، پوءِ چيائين:

”اياز صاحب! هي شهر جي زندگي ڇاهي؟ رڳو پئسو پئسو پئسو. اڳي تہ ٽامي ۽ چانديءَ جا سڪا هوندا ها، جن کي ڪجهہ وزن هوندو هو. هاڻي تہ ڪاغذ جا نوٽ آهن. شهري زندگي انهن جي ڪاغذ وانگر ناپائدار بي وزن ۽ بي معنيٰ آهي، اسان تہ جهنگ ۾ خوش هوندا آهيون، پر هيءَ حڪومت اسان کان جهنگ بہ ٿي کَسي!“

هن وڌيڪ چيو:

”اسان جا دوست تہ اهي جهنگ جا جانور هوندا آهن. ڳوهہ جون چار

ڄنگهون هونديون آهن ۽ اُها بہ ڏرڙ ۾ رهندي آهي. هڪ نور مَري ويندو آهي تہ سمورا نور ڪنا ٿيندا آهن. پٽيندا آهن ۽ مٽي کي مٽي هٽندا آهن ۽ پوءِ مُئل نور کي ڪڏ ڪوٽي پوريندا آهن. ان ڪري چوندا آهن تہ نور ماڻهوءَ جو ڪريل آهي. نور ماڪي لاهيندو آهي. هو ڪاريهر ۽ تتر ٻنهي کي کائيندو آهي. پکين جا ٻچا بہ کائيندو آهي. هن جو پيچ اُيو ٿيندو آهي تہ مکيون ڀڄي وينديون آهن.“

”ڪامريڊ نورُ“ مون چپن ۾ چيو:

”هو بلڪل بالشيوڪ ٿو لڳي.“

پوءِ هن ڄاهي جي باري ۾ بہ ٻڌايو. جو چانڊني راتين ۾ ٿالهي وڄائڻ تي نچندو آهي. ڄاهي بعد نوريئڙي جي باري ۾ بہ ٻڌايائين. جنهن کي جمعيت العلماءِ جي جهنڊي جهڙو پٽاپٽي رنگ هوندو آهي. مون هن کان آخري سوال پڇيو:

”ڪجهہ منهنجي ذات جي باري ۾ بہ ٻڌاءِ!“

”يعني؟“ هن پڇيو.

مون جواب ڏنو:

”پاڻيءَ جي پکين جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌاءِ. پرديسي پکين جي باري ۾.“

هن جواب ڏنو:

”سائين! جنهن جي ڳچي وڏي ٿيندي آهي، آڙيون، ٽيٽيون.....“

جيستائين هو جواب ڏئي، تيستائين ڏنب اصيلن جا اچي ويا. جن جا ڪيس ٻئي ڏينهن تي رکيل ها. الهوڏائي سان گفتگو اڌ ۾ رهجي وئي.

هي الهوڏايو تہ هڪ مثال هو. اهڙا سوين ڪردار وڪالت ۾ منهنجي زندگيءَ ۾ آيا. جن سان مان ڏکيون ڪچهريون ڪيون. اهي جي لکڻ تي اچان تہ ٽالسٽاءِ، چيخوف ۽ هيمنگوي کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکي وڃان. جي عمر وٽي ڏني تہ ضرور لکندس. في الحال مان ايترو ٿو چوان تہ شهري زندگي تچ آهي. ٻهراڙيءَ جي زندگي سڀ ڪُڇ آهي. شهري من جا گدلا ميرا آهن. ٻهراڙيءَ جا ماڻهو من جا اڇا اُجلا آهن. پوءِ خوني، رهزن ۽ ڌاڙيل ئي ڇو نہ هجن. جيئن ڪنول تي سج جا ترورا پوندا آهن. تيئن هنن جي من ۾ اُجلاٽپ آهي. هو ڌرتي ڪيڙن ٽا. اُن جو حصو آهن ۽ ڄاڻن ٿا تہ موتْ ۾ اُها ماءُ وانگر کين گود ۾ ڇڪي وٺندي. هو رضا تي راضي آهن ۽ تقدير هنن جي هر تدبير ۾ شامل آهي. ان ڪري ئي صديون هنن کي لتاڙي نہ سگهيون آهن.

نهوڙي نہ سگهيون آهن. هنن کي تقدير جي درخشندگي آهي، جنهن کي ڪابہ تدبير جهڪو نہ ڪري سگهندي، ٻُجهائي نہ سگهندي.

اهي مظموم هاري ڪنهن وقت شڪري وانگر ڪيئن انسان جو شڪار ڪن ٿا. انهن جون بہ سوين ڳالهيون منهنجي ڏيان تي آيون آهن. روسي هاريءَ جي باري ۾ مون جيڪي ٽالسٽاءِ ۽ گوگول ۾ پڙهيو آهي، اهو سنڌي هاريءَ ۾ ڏسي چڪو آهيان. مون کي هاڻي تہ انهيءَ فلسفي ۾ اعتبار رهيو ناهي تہ رڳو عوام ڪي چڱا مڙس آهن، چڱا مڙس خواص بہ تي سگهن ٿا. مون ڪيئي دولت مند ماڻهو نرم سياءَ ۽ کهڪاءَ وارا ڏٺا آهن. اهي دان پنج ڪري آتما جو سک پائيندا آهن. مون غريبن ۾ بگهڙ ۽ چيتا بہ ڏٺا آهن، جي ٻين کي چيرڻ ڦاڙڻ چاهن ٿا. عوام جي درد ۾ ڳرنڊڙ ۽ جُهرنڊڙ اڱواڻ پنهنجي زندگي سان گذاريندا رهيا آهن، انهن جو وار بہ وِنگو نہ ٿيو آهي، رڳو ٻيا، اُنهن لاءِ ڪتبا مرندا آهن ۽ رهبر انهن جي پونئرن کي رسمي فاتحہ ڏيڻ لاءِ ويندا آهن. ڪوڙي همدردي ڏيکاريندي فوتين جي خاندان سان پنهنجو فوٽو ڇپائيندا آهن ۽ انهن جي گهران موٽي سڌو پنهنجي عيش آرام جي آغوش ۾ ويندا آهن. انهن جا نعرا تہ فلاح وبهبود لاءِ هوندا آهن، پر هنن عوام لا ڇا ڪيو آهي ۽ پنهنجي فلاح وبهبود لاءِ هنن ڇا نہ ڪيو آهي؟

مهاتما گانڌيءَ مرڻ وقت پنهنجو قيمتيءَ ۾ قيمتي سرمايو هڪ نهايت سستي واچ، ٻڪري، لٺ، لنگوٽي، لوٽو ۽ چاکڙي ڇڏي. سوبي مون کي ٻڌايو هو تہ ڪامريڊ ڊاڪٽر اشرف، مهاتما گانڌيءَ سان سوشلزم تي گفتگو ڪري رهيو هو تہ اوچتو مهاتما گانڌيءَ هن کان پڇيو:

”توکي گهڻا ايڪڙ زمين آهي؟“

”پنج سئو ايڪڙ“ هن جواب ڏنو.

”تو اُهي پنهنجن هارين ۾ ورهايا آهن.“ مهاتما گانڌيءَ پڇيو.

ڊاڪٽر جواب ڏنو: ”منهنجن پنجن سَوَن ايڪڙن سان جي اقتصادي مسئلو حل ٿي سگهي ها تہ اُهي مان هاڻي ئي ورهايان ها.“

ان تي گانڌي چيو تہ: ”مان توکان بهتر ڪميونسٽ آهيان، ڇو جو مون وٽ تہ ڪجهہ بہ نہ آهي.“

ڪميونزم جي ناڪاميءَ جو سبب اهو هو تہ هو گفتار جا غازي هيا، ڪردار جا غازي نہ هيا. خُروشيف لاءِ هڪ چرچو مشهور آهي تہ جڏهن هو

پريزيڊنٽ ٿيو تہ ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ هن جي پوڙهي ماءُ ڳوٺ مان اچي ماسڪو ۾ پريزيڊنٽ هائوس ڏٺو (جيڪو مون بہ ڏٺو هو.) هوءَ حيرانيءَ سان وڏا شانڊليئر، سوفا، الماريون، تصويرون، بُت وغيره ڏسندي رهي ۽ هن جو ن اکيون جهانورجي ويون. پُٽ ڪيڏو بہ رهزن هجي، پر ماءُ ۾ پيار جي ڪمي نہ ٿيندي آهي. هن جي سادڙيءَ ماءُ خروشچوف کي ڪن ۾ چيو:

”پُٽ خيال سان رهجانءِ، متان اهو سڀ ڪجهہ ڪيمونسٽ توکان کسي نہ وٺن!“

مون کي هندستان ۾ هڪ ڪامريڊ لاءِ دانهن ڏنائون تہ هن ڪافي نيڪا نڙا ڪنيا آهن. پوءِ تہ خبرون آيون تہ ساري ماسڪو چورن، ٺڳن ۽ نشي دار شين جي گهورڙين سان پري پئي آهي. هونءَ تہ جڏهن مان 1976ع ۾ لينن گراڊ هوٽل ۾ رهيل هوس تہ هڪ اڻ جاتل روسيءَ مون کي پاسيرو ڪري چيو هو:

”توکي ڊالر آهن؟ جي اٿئي تہ مان توکي هڪ ڊالر جي عيوض چار روبل ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

ان وقت روبل جي پاڪستاني ربين ۾ سرڪاري قيمت 13 رپيا هئي ۽ ڊالر جي 10 رپيا هئي ۽ مون کي خيال آيو تہ هُن کان ڊالر مٽايان، پر مون ٻڌو هو تہ روسي جاسوس پرديسين کي آترائي ڦاسائڻ لاءِ بہ ائين ڪندا آهن، سو مون هن کان ڊالر نہ مٽايا.

انهن ماڻهن کان تہ اڳيان اهلِ الله لڪ پيرا چڱا ها، جي فريد شڪر گنج وانگر چوندا ها:

”رکـــا سُڪا کاءَ ڪي، ٺنڍا پاڻي پي
نہ ڏيک پرائي چوپڙي، نہ ترسا اپنا جي“

پڻائيءَ جڏهن ڏٺو تہ ڪوئي مريد هن جي زال لاءِ پلو ڪٽي اچي رهيو آهي، تہ زال کي پِٽيو هيائين، چو تہ هن سندس مُريدن کي رولي ماريو هو. بايزيد بسطامي ۽ رابعہ بصري وغيره ڏينهن رات ۾ ڪِن مانيءَ تي گذاريندا هيا. ۽ پوءِ بہ پرپور زندگي گذاريندا ها. ماضيءَ ۾ اهڙا ڪيئي شخص ٿيا آهن، جن پوري زندگي ڪنهن ڏنِ ۾ گذاري هئي، ڏنُ هنن لاءِ ڪائي معنيٰ نہ رکندو هو.

”تنور ۾ بہ گذري وئي. سمور ۾ بہ گذري وئي.“

اهو ڪنهن دور جو مشهور پهاڪو هو. ڪوئي شخص سمور جو پهراڻ پائي، پنهنجي سرخي گهوڙي جون واڳون وٺي اچي رهيو هو. واڳون بہ سونين

تارن سان پريل هُيون. گهوڙي جو توبرو بہ سونين تارن سان اُٽيل هو. اُن وقت لُري تي لڳي ۽ گهوڙي سوار جنهن کي سمور جو پريل رنگارنگ ڪُرتو پاتل هو تنهن پرسان لنگهندڙ پيادي شخص کي ڏسي لنوائي ڇڏيو هو. پيادي چوڏاري نهاريو تہ ڏٺائين هڪ نانوائي اگر ڪڍي پنهنجو تنور صاف ڪري رهيو هو. جڏهن نانوائي هليو ويو تہ اهو پيادو درويش تنور ۾ گهڙي ويو ۽ خوبُ مزي سان ننڊ ڪيائين. صبح سان جڏهن ننڊ مان اٿيو تہ ڪنهن هن کان پڇيو: ”رات ڪيئن گذري؟“

چيائين تہ: ”بس سمور ۾ بہ گذري وئي، تنور ۾ بہ گذري وئي.“

هي عارفين جو دؤر نہ آهي، صارفين جو دور آهي. هرڪو مرد ۽ عورت شام جو پلاسٽڪ جون پريل ڳوتريون ڪار مان لاهي لفٽ ۾ چڙهي تو ۽ هن جي منهن تي اها سرهائي نظر اچي ٿي، ڄڻ تہ تهجد جي نماز پڙهي اٿائين. دراصل مادي حاصلات ئي ماڻهوءَ جي منزل مقصود ٿي چڪي آهي. منهنجو پيءُ پئسي کي ”هٿن جي مَرُ“ ڪوٺيندو هو پر هاڻي تہ ماڻهوءَ لاءِ انهن جهڙي ڪٿوري خوشبوءِ ڪائي نہ آهي. هن جو دل ۽ دماغ پلي پالها هجن، ڪيسو پريل هجي تہ اُهو هن کي گدگد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. مون هڪ دوست کان پڇيو تہ: ”ڪافي وقت کان ڪجهہ نہ لکيو اٿي؟“

هن جواب ڏنو: ”ڏوڪڙ پئي ٿاهيم؟“

مون کيس چيو تہ:

”ڏوڪڙ اُهو واهڙ آهي، جنهن کي ڪڙ نہ آهي. اُهو توکي لوڙهي ويندو ۽ ڪڏهن ٻوڙي ماريندءِ.“

مون کي گرونانڪ جي زندگيءَ مان هڪ واقعو ياد آيو. هو پنهنجي هڪ شش سان سفر تي وڃي رهيو هو. جڏهن بہ واٽو آيو تہ گرونانڪ انهيءَ واٽ تان هليو جا ڇوٽي هئي، پر هن جي شش هن کي ٻيءَ واٽ جي صلاح ڏني، جا ڊگهي هئي. گرونانڪ اُن تي هن کان پڇيو تہ: ”تون ڇوٽي راهہ تان ڇو نٿو هلين؟ اِها تہ منزل تي جلد پهچائيندي؟“

شش جواب ڏنو: ”انهيءَ راهہ تي ڌاڙو آهن.“

گرونانڪ شش کي چتائي ڏٺو تہ هُن کي شش جي مٺي تي هڙ نظر آئي.

کيس چيائين تہ: ”اِها هڙ کول!“

جڏهن شش هڙ کولي تہ سندس پراڻن ڪپڙن ۾ هڪ ننڍڙي ڳنڍ پئي

هئي، جڏهن اُها هن ڪولي تہ ان ۾ سون جي هڪ ننڍڙي ريٽي هئي. گرونانڪ اُها ريٽي ڪٽي پري ڏوڙ ۾ ڦٽي ڪئي ۽ شش ڪي چيائين:

”هاٽي ڀاڪو اسان ڪان پراٽا ڪپڙا تہ نہ کسيندا، اچ تہ چوٽي رستي تان هلون، اُهو آسان آهي.“

سنڌ ۾ دولت لاءِ هڪ صوفيءَ واري نفرت هئي، پر هاٽي تہ ريڙهہ ريڙهان ۽ ميڙ ميڙان لڳي پئي آهي ۽ هر ڪوئي لارڊ بائرن وانگر چئي رهيو آهي تہ:

”دولت عَلاءُ الدين جو چراغ آهي.“

هرڪوئي سمرسيٽ ماهم (Somerset Magham 1874-1966) وانگر چئي رهيو آهي تہ:

”جي تو وٽ دولت آهي تہ ٻئي ڪنهن کي بہ چئي تو سگهين تہ ”وڃي ڪَڏ ۾ پَئُو“ پئسو انسان جو ڇهون حس آهي، جنهن سان باقي پنج حس رڄجي پون ٿا.“

سنڌ ۾ ماڻهو سمجهن ٿا تہ پئسو ماڻهوءَ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو. نتيجو اِهو آهي تہ ماڻهو پئسي لاءِ ڪجهہ بہ ڪري ٿو سگهي. گنجن کي نئين سر وار ڄمن ٿا. جي هو نوٽن جي هڙ مٿي تي رکي گهمن ٿا. انقلابي جڏهن شرابي ڪبابي ٿين ٿا تہ هنن ۾ خلوص نہ ٿو رهي، فقط فلوس ٿو رهي. مُلان پلاٽن جي ڪيڏ دربدر آهن ۽ اهو وساري ڇڏن ٿا تہ هو رڳو 4 فٽ، 6 فٽ قبر تي جنازي نماز پڙهائن ٿا. فارسيءَ ۾ ڪنهن جو شعر آهي:

دست برداشتنِ ما وقتِ دعا ايمائيست

کہ شفاعت گرِما پيش خدا دست تهي است

ترجمو: اسان جا دعا مهل هٿ کڻڻ ان ڳالهہ جو اشارو آهي.

تہ خدا جي اڳيان جيڪو هٿ اسان جي شفاعت ڪندو سو خالي آهي.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام وانگر سُئيءَ جي ٻاڪڙي مان اُٺ جي نڪري وڃڻ واري ڳالهہ نٽو ورجايان، ڇو تہ اُها بار بار ورجائي وئي آهي. مون کي هڪ انقلابي دوست جي هَوسناڪي ڏسي، هڪ عربيءَ جو پهاڪو ياد ايندو آهي تہ:

”جي بدنصيباً توکي ڏيٺوئي آهي تہ وڏي دروازي تي دستڪ ڏي“

مان جڏهن نئون شعر لکندو آهيان، تڏهن مون کي ائين لڳندو آهي تہ مون کي ڪائنات جو خزانو مليو آهي. جڻ انهيءَ ڪيفيت جي خوشبوءِ ايندي آهي:

”مان هڪ خزانو هوس ۽ چيم تہ پاڻ کي ڪائنات تي ظاهر ڪريان.“

مان ساريون ساريون راتيون لکندو رهندو آهيان ۽ نہ مون کي ٿڪ جو ۽ نہ ننڊ جو احساس ٿيندو آهي. صبح جو جڏهن مان مُنهن ڌوئيندو آهيان، تڏهن مون کي ائين لڳندو آهي تہ اجا مان ويهن ورهين جو نوجوان آهيان جو سخت سيءَ ۾ شڪارپور شهر ۾ واڌل لوهر جي آڪاڙي ۾ ململ جو چولو پائي ويندو هو ۽ پٽر جون ڳريون پچريون ڪڻندو هو. مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ مون ۾ اجا ايتري طاقت آهي،جو ڪيلاش پربت ترڪيءَ تي کڻي اڇان يا نعره حق هڻي، ڪنهن دره خيبر کي ڊاهي وجهان. سچ کي وڏي سگهہ آهي ۽ سونهن آرٽسٽ لاءِ سڀ کان وڏو سچ آهي. اِها سگهہ جيتري مون هينئر محسوس ڪئي آهي، اڳي ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي هئي.

ننڊ مان جو بہ وقت بچندو آهي، مان لکندو رهندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن پٽائيءَ سان ڪچهريون ڪندو آهيان. هڪ پيري مون هن کي چيو تہ:

”پٽائي! تو تہ چيو هو ”پالڪ سُوئا، چؤڪا“ (اها ڳالهہ پٽائيءَ هڪ گهورڙئي جو هوڪو ٻڌي چئي هئي) پر مان ادب سان تنهنجيءَ ان ڳالهہ ۾ ترميم ٿو ڪريان ۽ چوان ٿو ”سوئا، پالڪ، چؤنڪا“ يعني پلڪ سمهي چرڪُ پري اُٿا!“ پوءِ ڪجهہ هُن کان وري پڇيم:

”پٽائي! انسان جيڪي بہ هن جندڙيءَ ۾ پاتو آهي، اهو هتان کڻي وڃي ٿو؟“

علامہ اقبال تہ چيو هو:

*اہلِ دوزخ یہاں جو آتے ہیں*
*اپنے انگار ساتھ لاتے ہیں*

پر بهشت تہ گل ئي گل آهي. چا ماڻهو هتان ڌرتيءَ جي خوشبو کڻي وڃي ٿو اها هن جي روح ۾ محفوظ رهي ٿي ۽ چا اهڙي خوشبو بهشت جي ڪنهن بہ گل ۾ نہ آهي؟ مون اهڙي خوشبو نہ رڳو سُنگهي آهي، پر ڪيئي ڀيرا ڏٺي بہ آهي. ان کي هر وقت جدا جدا جسم هوندو آهي، پر منهنجو ڇهون حس هن کي هر لباس ۾ سڃاڻي وٺندو آهي.

پٽائيءَ جي ڳالھ مان پوءِ لکندس. هتي مان رڳو ايترو لکان ٿو تہ جنهن وقت مان چاهيندو آهيان، مان هن کي سڏي وٺندو آهيان. مون سکر جي وڪيلن جي ڳالھ ٿي اجا نہ ڪئي آهي، ڪجھ وڪالت جي تجربن تي لکٽو اٿم. داستان وجي ٿو ڊگهو ٿيندو. ائين نہ ٿئي تہ اوچتو عمر کُٽي وڃي ۽ داستان ٿي اڌ ۾ رهجي.

صديق کرل منهنجو جونيئر رهيو هو. پوءِ بينظير واري اڳئين زماني ۾ هاءِ ڪورٽ جو ائڊيشنل ائڊوڪيٽ جنرل ٿيو هو. هو جمال رند ۽ عمر ميمڻ جو دوست هو ۽ ڪيئي سال اڳ هو مون وٽ اُنهن جو حوالو ڏئي، سکر منهنجي آفيس ۾ آيو. هو جڏهن لنڊن ۾ هيو تڏهن هن جا پٽي صاحب سان چڱا مراسم هوندا ها. هڪ بئريسٽر (نالو وسري ٿو وڃي) جنهن جي غالباً ساڳي وقت پٽي صاحب سان رسم و راھ هئي ۽ انهيءَ کي پوءِ پٽي صاحب اسلام آباد ۾ او. ايس. ڊي مقرر ڪيو هو ۽ هن جي انگريز زال، ٻئي منهنجا هم پيالا هيا. ڪاش مان ساري حافظي کي موٽائي سگهان، ڪنهن وقت مون سان لڪ چپ ٿو ڪيڏي، ڪنهن وقت ڪنهن ڪنوار وانگر گهونگٽ هٽائي ٿو ۽ ڪنهن وقت منهن ڍڪي مٿي نہ ٿو ڏسي!

اهو بئريسٽر پي ڪري مون کي فٽزجيرالڊ جون رباعياتِ عمر خيام ٻڌائيندو هو. باقي کرل جي دلچسپي فقط سياست ۾ هئي. جڏهن مان وائيس چانسلر هوس ۽ پٽي صاحب کي جنرل ضياءُ الحق گرفتار ڪري ۽ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڇڏي ڏنو هو تڏهن پٽي صاحب هڪ بيان ڏنو هو تہ:

"منهنجا مخالف ڪراچيءَ ۾ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي مخاطب ٿا ٿين، جي مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وڃان تہ پوءِ؟"

کرل مون کان پڇيو: "جي پٽو صاحب يونيورسٽيءَ ۾ آيو تہ تنهنجو رِدعمل ڇا ٿيندو؟"

مون هن کي غور سان ڇتائي ڏنو ۽ پوءِ چيم:

"هيءَ نوڪري پٽي صاحب ڏني هئي، جي انهيءَ جي ڪري وئي تہ ڪوئي ارمان نہ ٿيندو."

منهنجا نہ پٽي سان سياسي تعلقات هيا، نہ جتوئيءَ سان. منهنجا اُنهن سان فقط ذاتي تعلقات هيا ۽ ذاتي تعلقات کي مان سياسي تعلقات تي ترجيح ڏيندو آهيان. جتوئي جڏهن چيف منسٽر نہ رهيو هو تڏهن هن

ڪنهن ماڻهوءَ کي مون لاءِ چٺي ڏني هئي. مون نہ رڳو ان ماڻهوءَ جو مسئلو حل ڪيو پر هن جي معرفت جتوئي صاحب کي چوائي موڪليو هو تہ:

"اوهان کي جيڪڏهن مون مِ ڪوئي ڪم هجي تہ بنا حجاب جي چٺي موڪليندا ڪريو."

پر اُن ڪانپوءِ هن مون کي ڪوئي ڪم نہ چيو ۽ نہ مُنهنجي هُن سان ڪڏهن ڪائي ملاقات ٿي.

وڪيلن مان ٻيو ماڻهو مون کي آغا عبدالنبي ٿو ياد اچي، جو حيدرآباد جو نهايت چڱو وڪيل هو جنهن سان منهنجي پهرين ملاقات حيدرآباد ۾ ٿي هئي. هو اصل ڪوٽ سلطان جو هو مرحوم امان الله خان جو ۽ آغا غلام نبي پٺاڻ جو رشتيدار هو ۽ منهنجي جونيئر غلام مصطفيٰ شاهہ جا امان الله خان ۽ آغا عبدالنبي ٻئي دوست ۽ ڳوٺائي هيا. جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ مدو پورو ڪيو ۽ سکر ويس تہ ٻن اڍائي سالن کان پوءِ آغا عبدالنبي هاءِ ڪورٽ جو جج ٿي آيو. هن کي ڪافي محنت سبب هاءِ بلڊپريشر رهندو هو پر مون هن ۾ غصو ڪڏهن بہ نہ ڏٺو. هو مون سان ڏاڍيءَ عزت سان هلندو هو.

جيستائين ڪورٽ ۾ منهنجو ڪيس ڪچندو هو تيستائين مان پنهنجي ٿي بيٺ لڪندو هوس. اڪثر بيٺ مون ڪورٽ ۾ لکيا ها. ٻيا وڪيل ائين سمجهندا ها تہ مان پنهنجو ڪيس تيار ڪري رهيو آهيان ۽ نوٽ وٺي رهيو آهيان. هنن کي اِها خبر نہ هوندي هئي تہ مان پنهنجي تخليق جي ڪم ۾ مصروف آهيان. اِن تي مون کي هڪ لطيفو ياد ايندو هو جو مرحوم اي ڪي بروهيءَ تي چار پيرا ٻُڌايو هو. پهريون پيرو هن تڏهن ٻُڌايو هو جڏهن مون کي انگريزيءَ ۾ پنهنجي مضمونن جو مجموعو "پنهنجي اظهار جي سرگذشت" (Adventures in Self-expression) ڏنو هو. اهو هيئن هيو:

جڏهن حضرت نوح پنهنجي ڪشتيءَ ۾ جاندارن جي هر جنس ڪنئي ۽ جڏهن هن جي ڪشتي ڪوهِ ارارط تي پهتي، تڏهن هن ڏٺو تہ ڪشتيءَ ۾ ٻلي ۽ ٻليءَ سان گڏ هنن جا پونگڙا بہ هيا. حضرت نوح حيرت ۾ ٻلي ۽ ٻليءَ کان پڇيو:

"هي تہ مون ڪونہ کنيا ها. هي ڪٿان آيا؟"

ٻلي ۽ ٻليءَ چيو:

"اي پيغمبر! تون ڪيترو نہ ساده لوح آهين. تو اهو ٿي سمجهيو تہ اسان ٻيئي ڪائي راند ڪري رهيا آهيون."

مرحوم اي. ڪي بروهيءَ کي ڏاڍو چڱو مزاح جو حس هوندو هو. اي.ڪي بروهيءَ وانگر مزاح جو حس تہ شرف الدين ادا کي بہ هو، جو هاءِڪورٽ جو سٺو وڪيل هوندو هو.

سميع الله وڪيل کي بہ چڱو مزاح جو حس هوندو هو، جنهن سان شرط تي هو ڪُڪڙ ويڙهائيندو هو . سميع الله هڪ ڀيري پنهنجي زمين تي منهنجي دعوت ڪئي هئي ۽ ڪڪڙن جي ويڙهہ ڏيکاري هئي. ٻہ دوست جڏهن وڙهي هڪ ٻئي کي ڦٽي وجهندا آهن ۽ ٻيا ڇُرچ ڏيندڙ ڦوهارا هٽي، هنن کي ايارِيندا رهندا آهن، تڏهن مون کي اها ويڙهہ ياد ايندي آهي. مان گهڻو ڪري ويڙهہ ۾ موشو ڪري ويندو آهيان ۽ ماڻهو ان کي منهنجي ڪمزوري سمجهندا آهن.

شرف الدين تن ڏينهن ۾ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ هوندو هو جڏهن مان ساهيوال جيل مان رِها ٿي ريل ۾ سکر آيو هوس ۽ سکر اسٽيشن تي سوين ماڻهو مڙيا ها. شرف الدين ادا جو انهيءَ ميڙ ۾ هو، مون کي ڪلهن تي کڻي انهيءَميڙ سان گڏ پراڻي سکر آيو هو ۽ مون کي منهنجي گهر جي ڏاڪڻ وٽ ڇڏي، ميڙ سان گڏ موٽي ويو هو. شرف الدين ادا، پُٽي جي ڳالهہ برداشت نہ ڪري سگهندو هو. هڪ ڀيري ڄاڻي واڻي هن منهنجي ڪتاب "ڪپر ٿو ڪُنَ ڪري" کي "ڪپر ٿو ڪِنُ ڪري" چيو هو. ڇو تہ مان پُٽي جي سڏ تي سکر سرڪٽ هائوس ۾ ويو هوس. اهو چئي وڏو ٽهڪ ڏنو هيائين. ٽهڪ ۾ ڪا بہ بدنيتي ۽ طنز نہ هئي. هو مون کي "استاد" ڪري سڏيندو هو، ڇو تہ هو منهنجي شاگرد حبيب الله جو شاگرد هو. پر ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هن جي طنز راڇسي چاقوءَ وانگر تيز هوندي هئي ۽ اُن جو ڇهُہ ڪافي وقت ڪُرندو هيو.

مرحوم عبدالروف، مرحوم رحمان نقوي منهنجا مهاجر دوست هوندا ها، جن سان ون يونٽ جي معاملي تي ٽڪراءُ رهندو هو. حسن ميان، لياقت علي خان، اجلال حيدر زيديءَ وغيره جا نالا وٺندو هو تہ اهي سندس اترپرديش ۾ دوست ها ۽ هو اتان جي مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ هو ۽ قائداعظم کي اڳينءَ يو. پي جي عوام سان آشنا ڪرائڻ ۾ هن جو هٿ هيو. نواب وحيد احمد، جو

غير سياسي ماڻهو هوندو هو. اهو چوندو هو تہ الهہ آباد ۾ موتي لال نهرو هن کان ٿوري پنڌ تي رهندو هو ۽ مُوَڪل موتي لال کي ائين ڳولي لهندا ها، جيئن ڪيس پراڻي سکر ۾ ڳولي لهندا ها. سکر جا مهاجر "پدرم سلطان بود" (منهنجو پيءُ سلطان هو) نہ چوندا ها، پر "پدرم ٽيپو سلطان بود" چوندا ها. هرڪو ٿي اتي وڏيون حويليون ۽ هزارين ايڪڙ جاگيرون ڇڏي آيو هو. ڪوئي نواب رامپور جو مائٽ هو، ڪوئي نواب ڀوپال جو. منهنجي هڪ مُوَڪل تي ايوب خان واري زماني ۾ مارشل لا ريگيوليشن هيٺ ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس ٿيو هو. هن ڪنهن ڇپيل ڪتاب تان سنگ مرمر جي محل جو فوٽو ڪڍي، سترهين لکين جو ڪليم منظور ڪرايو هو. مون هن کان بيان اهو ڏياريو تہ هاڻي هن کي خبر پئي آهي تہ فوٽو واقعي جعلي آهي. اِهو ڪليم تہ هن جي چاچي داخل ڪرايو هو جڏهن هن جي عمر 5 سال هئي ۽ فوٽو بہ هن جي چاچي پيش ڪيو هو سو اصل ڏوهاري اهو آهي. ملٽري ڪورٽ هن کي بري ڪري ڇڏيو.

جيڪب آباد جي سيٺ دوارڪا داس تي مارشل لا جي زماني ۾ ڪيس ٿيو تہ هن پريزيڊنٽ ايوب کي گاريون ڏنيون آهن. اهڙو ٽيپ رڪارڊ ٿيل ڪئسيٽ هن جي ڪنهن دشمن، جو ذات جو جمالي هو شاهديءَ ۾ هن جي خلاف پيش ڪيو هو. ڪيس ڪوئي ڪرنل هلائي رهيو هو. مون ڪئسيٽ پيش ڪندڙ کان فقط ٽي سوال ڪيا:

"ڇا توکي خبر هئي تہ دوارڪاس داس مارشل لا جو دشمن آهي؟"

"هائو"، هن جواب ڏنو.

"ڇا توکي خبر هئي تہ هو مارشل لا جي خلاف ڳالهائيندو آهي ۽ پريزيڊنٽ ايوب کي گاريون ڏيندو آهي؟"

"ڇا تو ڄاڻي واڻي هن کي ٽيپ ڪرڻ کان اول هن سان مارشل جي خلاف ڳالهايو ۽ اُڪسايو تہ جيئن هو مارشل لا کي گاريون ڏئي؟"

هن چيو: "ها، ائين صحيح آهي."

"ائين صحيح آهي!" پنجابي ڪرنل هن کي زور سان مٿي جي ڏنڊڪي هڻندي چيو:

"تو مارشل لا کي هٿ سان گاريون ڏياريون آهن. نِڪر ڪورٽ مان يڪدم نڪر. نہ تہ توکي ٽو هٿڪڙيون هڻايان. مان ملزم کي بري ٿو

ڪريان پر فتويٰ جڏهن مٿان منظور ٿي ايندي، تڏهن اُن جو آخري اعلان ڪيو ويندو.“

مبين خان منهنجو جونيئر رهيو هو ۽ پوءِ هاءِ ڪورٽ جو سنو وڪيل هوندو هو. هو ”خلافت معاويہ ويزيد“ جي مصنف جو گهرو واقفڪار ۽ معتقد آهي ۽ ڪٽر سُني آهي. مرحوم مقصود حسن خان وڪيل وڏو ڦڏئي مڙس هو پر مون سان دل هوندي هيس ۽ مرڻ کان اول اولاد کي وصيت ڪئي هيائين تہ:

”جيڪڏهن ڪنهن سان اوهان کي مشوري جي ضرورت پوي تہ شيخ اياز سان ڪجو ڇو تہ هن جهڙو سچو دوست مون کي نہ مليو آهي.“

مولا بخش ابڙو ”تبليغي جماعت“جو رڪن هو ۽ مُلن سان گڏجي راءِونڊ ويندو هو ۽ ويلي تي چار آنا پريندو هو. هن جي چوڻ تي سندس جماعت جا ڪجهہ ماڻهو مون وٽ آيا ها ۽ مون کي نماز پڙهڻ لاءِ چيو هيائون، پر مون گوڏن جي سور سبب مجبوري ڏيکاري هئي، جا واقعي سچي مجبوري هئي. هنن مون کي چيو هو تہ ان حالت ۾ مان صندلي يا ڪرسي رکي پڙهي سگهان ٿو پر مون کي ائين ڪرڻ مسجد ۾ مناسب نہ لڳو هو ۽ مون هنن سان وعدو ڪيو هو تہ گهر ۾ اوچي صندلي رکي نماز پڙهندس. منهنجي زال زرينا تہ باقاعدگيءَ سان پنج ئي وقت نماز پڙهندي آهي ۽ جيڪڏهن هڪ پيرو نماز جو وقت گذري ويندو اٿس تہ ٻي ڇئن تي ويندي آهي. جڏهن اسان بمبئيءَ ۾ ٺاڪر چاولا جي گهر رهندا هياسين، تڏهن بہ هوءَ پنج ئي وقت نماز پڙهندي هئي. هڪ پيري ٺاڪر جي ننهن سونيا هن کي سربسجود ڏسي حيران ٿي وئي ۽ هن کان پڇيائين:

”تون مٿو ڪنهن جي اڳيان ٿي جهڪائين؟ تنهنجي اڳيان ڪائي مورتي تہ نہ آهي!“

زرينا کيس چيو تہ:

”اسان جنهن خدا جي پرستش ڪندا آهيون، ان کي ڪائي شبيهہ نہ هوندي آهي.“

ٺاڪر جي گهر ۾ ستيہ سائين بابا ۽ ان جي اڳئين جنم سائين بابا شرڏيءَ واري جون تصويرون رکيون هونديون هيون. ممڪن آهي تہ هو انهن جي اڳيان مٿو ٽيڪندا هيا.

هندستان جڏهن ٻئي ڀيري ويو هوس، تڏهن مون کي ڊي. ڪي. آزاد جو سنڌيءَ ۾ ستيہ سائين بابا تي هڪ ڪتاب پارو چاولا ڏنو هو جا خود ٻگهتي تحريڪ جي شاعره آهي ۽ جنهن جو ڪتاب "آءَ اڪيلي" هتي سنڌ ۾ ڇپيو آهي. مهاڳ منهنجو لکيل آهي.[1] ڊي. ڪي. آزاد جي ڪتاب ۾ ستيہ سائين بابا جون ڪيئي ڪرامتون ڏنل آهن، جنهن مان هڪ ڪرامت اِها هئي تہ هو هوا مان ڀڀوتي (رک) ڪڍي ماڻهوءَ کي ڏيندو آهي. ڪرناٽڪ جي ذڪر ۾، تامل ناڊو جي سرحد ويجهو بئنگلور کان تي ڪلاڪ ٽئڪسيءَ ۾ سفر تي هن جو ڳوٺ پُٽا پارٿي آهي، جو آنڌاراپرديش جي سرحد تي آهي ۽ جنهن جي پرسان ستيہ سائين بابا هڪ اسڪول ۽ يونيورسٽي نهرائي آهي ۽ پاڻ ڊزني لئنڊ (Disney land) جهڙي محل سرا ۾ رهندو آهي ۽ جتي هيون ڪيئي جايون ياترين لاءِ ٺهيل آهن. هو پاڻ کي وشنوءَ جو اوتار چوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن لِموزينن (Limousines) ۾ بئنگلور ڏانهن، اتا بہ وڏيءَ عمارت ۾ هليو ويندو آهي، جا سندس آهي. بئنگلور منهنجي بزرگ يار ڊاڪٽر مهڪريءَ جو اصل وطن آهي ۽ ان ڪري هو پاڻ کي بئنگلور مهڪري لکندو آهي.

پاڪستان ۾ اچي مون جان مچنر (John Mitchners) جو انگريزيءَ ۾ ڪتاب "گرو" خريد ڪيو جنهن ۾ صفحي 51 تي سائين ستيہ بابا جو فلسفو هيٺين ريت ڏنل آهي:

"خدا هر هنڌ آهي ۽ هر شيءِ ۾ آهي ۽ هو ئي ساري تخليق آهي. خدا کي ذات آهي بہ ۽ نہ بہ آهي. هن جي ڪائي بہ صورت نہ آهي، پوءِ بہ هن کي صورت آهي. هو تخليق ۾ اندر آهي ۽ ساڳي وقت ان کان نهايت دور آهي. باطني بہ آهي ۽ لامحدود بہ آهي. آتما، جا انسان جي ماهيت (تت) آهي، اها خدا جي ماهيت آهي، پر آتما خدا تي مدار رکي ٿي، خدا آتما تي مدار نٿو رکي. سمنڊ جي مٿاڇري تي لهرن جو پنهنجو وجود نہ آهي، جي سمنڊ نہ هجي تہ انهن جو وجود نہ رهي، پر سمنڊ پوءِ بہ رهندو جي لهرون ميٽجي بہ وينديون. لهر اهو چئي سگهي ٿي تہ "مان تنهنجي آهيان". ڇاڪاڻ اها سمنڊ کان الڳ رهي نہ ٿي سگهي، پر سمنڊ لهر کي نہ ٿو چئي سگهي تہ "مان

[1] هي ڪتاب محمد ابراهيم جويي ڇپايو هو. (ت.ج)

تنهنجو آهيان"، چو تہ اهو لهرن کان سوا رهي سگهي ٿو. فرد لهر وانگر آهي ۽ خدا سمنڊ وانگر آهي، پر ٻنهي ۾ ناتو اٽوٽ آهي."

جڏهن زرينا ستيہ بابا جي باري ۾ سندري اتم چنداڻيءَ کان پڇيو تہ، هن ڪيس چيو:

"هو رڳو جادوگر آهي، ٻيو ڪجهہ نہ آهي."

مون ڏٺو تہ اڪثر سنڌي اديب هن جي معتقد ڪن ٿا.

جڏهن مان ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پڙهندو هوس تہ پڙهيل ڳڙهيل هندو مسلمان ٿياسافيڪل لاج ۾ ويندا هُيا ۽ مئڊم بلئوتيسڪيءَ جا معتقد هوندا ها. جنهن پنهنجو ڪتاب خفيہ نظريو (Secret Doctrine) لکيو هو. مرحوم اي. ڪي بروهي بہ اُتي ويندو هو ۽ تقريرون ڪندو هو. صوفي چيتمل بہ ٿياسافٽ هو. دراصل ٿياسافٽ تحريڪ، ائني بيسنٽ جي شموليت ڪري قوم پرستيءَ کي اپاري رهي هئي ۽ اُن ۾ گهڻو ڪري قوم پرست هوندا ها. اڃا تائين ڪراچيءَ ۾ ٿياسافيڪل لاج آهي. تازو نرگس هودٻائي، جا منهنجي شاعريءَ جي مداح آهي ۽ مون کي ڳائيندي آهي، انهيءَ جي پيءُ، دولت مهتاڻي جي گهر ساميءَ تي منهنجي تقرير ٻڌي مون کي ٿياسافيڪل هال ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ چيو. تقرير مون کي دل جي تڪليف ڏني ٿي. دولت مهتاڻيءَ جي گهر بہ تقرير ڪندي مون Isodril 5mg جي گوري زبان هيٺان رکي هئي، ان ڪري مون نرگس جي پيءُ کي انڪار ڪيو.

هندستان ۾ ٻيا گرو بہ ٿيا آهن: وويڪ آنند، رام ڪرشن، رمنا مهارشي، رشي مهيش يوگي، رام داس، مُڪت آنند ۽ گروماٿي، اربندو گهوش ۽ ماتا ميرا (جن جو جٽسنگهاڻي "سام" اڪثر ذڪر ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ اربندو گهوش پنرجنم جا ڏنا ڏئي ميرا کان پنهنجو مڙس ڇڏايو هو ۽ پانڊيچريءَ ۾ هن کي پنهنجي آشرم ۾ رهايو هيائين، جتي هو 1973ع ۾ گذاري ويو.) سنڌ ۾ دادا ليکراج پيدا ٿيو هو جنهن جي اوم منڊليءَ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي هندو سماج ۾ مهي ولوڙ وجهي ڇڏي هئي ۽ هن کان برهما ڪماريون متاثر آهن، جن جو مرڪز آبو پهاڙ تي آهي. ويجهڙائيءَ ۾ وڏو گرو رجنيش ٿيو آهي، جنهن انگريزيءَ ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. دنيا ڀڻائي چواڻيءَ "درسن ڏارئون ڏار" وارو معاملو ٿي لڳي.

اهڙيءَ طرح مون برصغير ۾ اسلامي مشائخ بہ پڙهيا آهن ۽ انهن جي

طريقن جي باري ۾ پڙهيو آهي. داتا گنج بخش هجويري، فرقہ سلطانيہ، امير خسرو دهلوي، حضرت خواجا معين الدين چشتي اجميري، شيخ العالم فريد شڪر گنج، سلطان المشائخ خواجا نظام الدين اوليا، سهروردي سلسلو شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني، شيخ رڪن الدين ملتاني، مخدوم جهانيان جهان گشت سهروردي، شيخ جلال الدين تبريزي سهروردي، شاهہ جلال ديني سلهٽي سهروردي، حضرت مظهر ولي تِرچنا پُلي، حضرت سيد گيسو دراز حضرت چراغ دهلوي، شيخ محمد غوث گُواليياري، مهدوي تحريڪ، قادريہ سلسلو چشتيہ صابريہ، نواب مرتضيٰ خان، شيخ فريد، حضرت خواجا باقي باالله، حضرت مجدد الف ثاني، شيخ عبدالحق محدث دهلوي، شيخ ميان مير لاهوري، سرمد، امام الهند شاهہ ولي الله وغيره (دوُر اڪبريءَ ۾ مون کي اهو پڙهي کل آئي تہ اڪبر عمرڪوٽ ۾ پيدا ٿيو هو ابوالفضل ۽ فيضي سيوهڻ ۾ پيدا ٿيا ها ۽ شيخ مبارڪ جا پٽ ها، جو منهنجو نالو آهي.) انهن جي باري ۾ الڳ ڪتاب آهن ۽ اڪرام الله جي اسلامي هند جي مذهبي ۽ روحاني تاريخ جي ٽن جلدن: ”آبِ ڪوثر“، ”موجِ ڪوثر“ ۽ ”رودِ ڪوثر“ ۾ بہ اُنهن جو تفصيلي بيان آهي.

هڪ قادياني وڪيل، جو انڪم ٽئڪس ايڪسپرٽ هو ۽ جنهن تي اُن وقت حملو ڪيو ويو هو جڏهن قاديانن خلاف پاڪستان ۾ فساد ٿيا (نالو ذهن تي نٿو چڙهي) مون کي قاديانين جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. مون کي اڳيئي غلام محمد قاديانيءَ ۽ علامہ اقبال جي ردوقد جي باري ۾ معلوم هو ۽ اها بہ جاڻ هئي تہ غلام محمد پيش گوئي ڪئي هئي تہ فلاڻي شاده شده عورت هن جي منڪوحہ ٿيندي ۽ ان جي باري ۾ مقدمي بازي بہ ٿي هئي، پر اُن عورت کي پنهنجي مڙس کان عدالت طلاق نہ ڏياري هئي. (پورو ياد نٿو اچي)

سکر ۾ هوٽل ڪيفِ ايران وارو بهائي هو ۽ هن بهاءُ الدين ۽ قراه العين طاهره تي مون کي ڪجهہ ڪتاب ڏنا ها، جي مون مطالع ڪيا ها. اهي سڀ خمينيءَ جي اچڻ سان پوءِ ايران ۾ ختم ڪيا ويا.

سير سفر جون ڳالهيون ڪندي ۽ ماضيءَ جا ورق ورائيندي، جڏهن سکر جي ساروڻين ۾ واسطيدار وڪيلن، ججن ۽ ڪورٽن جو ذڪر نڪتو آهي تہ چاهيان ٿو تہ ذهن تي زور ڏيندي وڪالت جا ڪجهہ ياد تي تري

ايندڙ واقعا ۽ تجربا پنهنجي پڙهندڙن وٽ پهچائيندو هلان تہ بهتر ٿيندو.

ڪيس تہ مون هزارين هلايا آهن ۽ نوانوي فيصد ڪيس ڇُٽي ويا آهن. پيسي جي ڏيتيءَ ليتي، مسواڙ گروي، وڪري تي ڦڏي، ڪاپي رائيٽ ۽ ٽريڊ مارڪ، ٻئي جي نالي ۾ خريد وفروخت جا بنامي (Benami) ڪيس وغيره مون کي بور ڪندا هئا. اصل بورين جو طاهر سيف الدين ٻڻائي وجهندا ها. سو وڪالت کان مون کي نفرت هوندي هئي. پراڻا منشي چوندا ها تہ:

”سِوِل آهي ڪِول، ٻئي هلندي“

اهو ناهي تہ سِوِل قانون مون کي نہ ايندو هو پر پيسن تي ڇيچاڙ ۽ ڇتڪُٽائيءَ جا ڪيس، ڏيوالي پٽي ۽ ڏينهن جي ڏِيئي ٻارڻ جا ڪيس، جاءِ جي وِري ۽ ورهاڱي جا ڪيس، ٻيڙي مارڪا ۽ تماڪو مارڪا جي ٽريڊ مارڪ تي معرڪا مون کي اُگرا لڳندا ها. مان اِهي ڪيس بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪٽندو هوس، پر گهڻو ڪري فوجداري ڪيس ڪٽندو هوس. قتل هڪ نجات جو ذريعو هوندو آهي. قاتل ننڊ تہ چڱي ڪري سگهندو آهي! دشمن کي غارت ڪري هو بي فڪرو ٿي لت ڏئي تہ سمهندو آهي. هڪ خائن يا راشي ڪاموري يا ڏيوالي وانگر هن جي ننڊ ڦِٽل نہ هوندي آهي. قتلِ، زن، زمين يا زر تي ٿيندا آهن. زن تي قتل عام آهي.

مون هڪ ڪيس هلايو جنهن ۾ پُٽ، جنهن ڇوڪريءَ سان عشق ڪندو هو اُن سان هن جي پوڙهي پيءُ چوٿين زال ڪري شادي ڪئي. پٽ کي ايترو غصو آيو جو جڏهن هن جو پيءُ مسجد ۾ نماز پڙهي رهيو هو هُن کيس گولي هڻي ماريو. ڪورٽ تہ هن کي ڇڏيو پر ازلي عدالت هن کي سزا ڏني ۽ شايد هن کي نانگ ڏنگي ماريو. مون وٽ ڪيئي ڪاري ڪاريءَ جا ڪيس ايندا ها. هڪ ڪيس ياد ٿو اچي.ياءُ پيڻ کي ڪاري ڪري جهنگ ۾ وٺي ويو ۽ هن کي پٽڪي سان ٻڌي ويهاريائين. پوءِ ڪوڏر سان هن لاءِ کڏ کنيائين هن ڏاڍو ٻاڏايو تہ:

”ادا! مان بي گناهہ آهيان.“

پر هن جي هڪ بہ نہ ٻڌائين. هن کي کِهلي کڏ ۾ وڌائين ۽ ڪُهاڙيءَ سان منڍي لاهي، هن کي ساڄيءَ ڪوٺيل مٽيءَ سان پوري ڇڏيائين. پوليس کيس مار موچڙا ڪري ڏوهہ جي ٻاس ڪرائي.

جيڪب آباد جي هڪ وڏيري جي ٽين زال مون وٽ آئي. هن مون کي في تہ ڏني، پر پنهنجي خوبصورت ۽ جوان ٻانهي بہ مون کي رات لاءِ ڏيڻ واسطي تيار هئي. مون پوئينءَ في کان انڪار ڪيو ۽ ايف. آءِ. آر ڏيکارڻ لاءِ چيو جنهن ۾ درج ٿيل هو تہ هن ٻن پوليس وارن جي مدد سان پنهنجي چوٿينءَ زال جو خون ڪيو آهي. هڪ پوليس واري پنهنجي باس ڏئي چيو هو تہ وڏيري جي چوٿين زال پنهنجي ڊرائيور سان جيڪب آباد مان ڪوئٽا ڀڄي وئي، جتان جيڪب آباد پوليس کيس گرفتار ڪري آئي. جڏهن جهنگ مان پوليس وارا هن کي گرفتار ڪري ڳوٺ وٺي وڃي رهيا ها، تڏهن هن کي وڻ سان ٻڌائون. پوءِ هڪ پوليس واري بندوق سڌي ڪئي تہ اُن ڪاريءَ ٻروچياڻيءَ چيو:

”ادا پوليس وارا! مون کي ڇو ٿا ماريو. منهنجو مڙس ڪراڙو هو ۽ مون کي هن سان زوريءَ شادي ڪرائي هيائون. جڏهن مان ڊرائيور سان ڀڄي وئي هيس، تڏهن بہ مان ڪنواري ئي هيس.“

پر هنن کيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري بندوق هڻي ماري وڌو. پوءِ مٽيءَ تان رت مِٽائي هن جو لاش پوري ڇڏيائون.

ڪنهن کي پرائي ڏيهَ تي اک هوندي هئي تہ هن جي پاءَ سان پنهنجي پيڻ ڪاري ڪري مارينڊو هو ۽ عيوضي ۾ محبوبہ جو سڱ گهرندو هو. ڪڏهن زمين جي دنگ، پاڻيءَ جي واري، آواندن جي پيچ ڊاهہ، ٻراون ڊورن جي فصل کي ڀيل ڪرڻ، گهوڙيءَ، ڏاند، ٻڪريءَ جي چوريءَ ڪرڻ سبب خون ٿي پوندا ها. ڪنهن جي پڳ ڏِڪي سبب ڪِري پوندي هئي تہ ڪُهاڙيون سر لٽي ڇڏينديون هيون. ڪنهن جي ڏاڙهيءَ يا مڇ ۾ هٿ پئجي ويندو هو تہ رتوڇاڻ ٿي ويندي هئي. ڪيترا نہ خون ٿيندا ها اتر سنڌ ۾! ماٺهوءَ جي موت لاءِ هُن ۾ زنا جو شڪ ڪافي هو، واتان ويٺي ڪوئي ورجاءَ، جڪ يا جوجڪڙيءَ سان ورتاءَ، ان لاءِ ڪافي هو تہ لٺيون هلن ۽ مٿا ڦاٽن.

انهن ڪيسن کان سوا چوري ۽ ڌاڙي جا ڪيس هوندا هيا. ڪي چوريون ۽ ڌاڙا ماٺهو بک کان ڇتا ٿي هڻندا ها، ڪي مڙسيءَ جي ڏيکاءَ لاءِ هڻندا ها، ڪي وڏيري جي چُرچ تي هڻندا ها ۽ ڪي انهيءَ ڪري هڻندا ها تہ هنن کي ڌاڙن کان سوا ننڊ نہ ايندي هئي. مون هڪ چور کان پڇيو تہ:

”توکي ڪافي ٻني آهي، چو اُها پاءَ کي ڏئي پاڻ چوريءَ تي پاڙيو آهي؟“

هن جواب ڏنو: ”وڪيل صاحب! توکي ڪهڙي خبر تہ پوئين پهر جڏهن چنڊ اڃا آسمان ۾ هوندو آهي ۽ اسان لوڙهي جو ڳلو ٽپندا آهيون ۽ ياڳئي ڪي جاڳ ٿيندي آهي ۽ هو اکيون مهٽيندو گهر کان ٻاهر نڪرندو آهي، تڏهن هن ڪي مُنهن واري ڇا پڙڪ نڪاءُ ڪرڻ ۾ ڪيڏو نہ مزو ايندو آهي!“

”توکي ڪهڙي خبر تہ اسان جڏهن مينهن چوري ڪري، اُن کي درياه مان ٻي پار نيندا آهيون، تڏهن اُن جي پِڇ کي چنبڙي، ان سان گڏ ترندا ويندا آهيون ۽ جڏهن مينهن ٽپي ڏيندي آهي ۽ اسان هن کي گردن ۾ سوٽو هڻندا آهيون ۽ ان تي هوءَ ٻاهر ايندي آهي، تڏهن ڪيڏو نہ مزو ايندو آهي! چانڊوڪي رات ۾ ڪڏهن مينهن جي پڇ کي جهلي درياه جي ٻي پار وڃي ڏس تہ توکان شاعري وسري ويندي“

”چوري ۽ ڌاڙو مُڙسيءَ جي ڳالهہ آهي. ڪڏهن تو ڌاڙيلن سان بندوق بازي نہ ڪري ڏٺي آهي. گولين جا زوڪاٽ ائين ٿيندا آهن، چڻ سانوڻي وڄ ڪڙڪي رهي آهي. رن جو چور ياڙيو ضرور ٿيندو آهي، پر پرائيءَ رن سان جوئر جي ڪانن ۾ رات گذارڻ جو مزو آهي، اهو ڪنهن ريشمي اڳٺ واريءَ کان پڇ!ڪاريون تہ دعا گهرنديون آهن، ”يا خدا اسان کي ڪٺ جو نہ، ڪهاڙيءَ جو موت مارجانءِ“

مال ملڪيت تي جهيڙو سو تہ ماڻهوءَ مان ويڄو ئي ناهي. جي هڏو يا ڍونڍ هڪڙو ئي هوندو آهي تہ اُتي ڪتا ضرور هڪٻئي تي گُرڪندا ۽ ٻاهوڙيا آهن. هڪ ٻئي جون چَڪين ٻوٽيون ڪائيندا آهن. ڪُتي کي اڃا ڍؤ تہ ٿيندو آهي، پر ماڻهوءَ کي ڍؤ نہ ٿيندو آهي ۽ نہ ٿيڻو آهي. لالچ اها گرڻ آهي، جا هر چڱي اُهڃاڻ کي ڳڙڪائي ويندي آهي.

ٻئي اصيل کي هڪ پيري چيو هئم:

”اڃا پندرنهن ڏينهن اڳ ضامن تي ڇڏايو آٿي مانءِ، وري ٻئي ڪيس ۾ قبل از گرفتاريءَ ضامن لاءِ آيو آهين.“

”وڪيل صاحب! مڙسن تان جهُڙ جهيڙا نہ لهندا آهن.“ هن جواب ڏنو هو.

”توکي ٻي في تا ڏيون، الهہ توهار ڪر.“

”ڪيس وڙهڻ“ وڪالت جو محاورو هو. هڪ پيري ديوان پرمانند، جو

هڪ وڪيل هو ۽ ڳڙهي ياسين جو رهندڙ هو. تنهن ڳالهہ ڪئي:

"شڪارپور مان ڳڙهي ياسين بس ۾ ڪي اصيل تنهنجي تقرير جي ساراهہ ٿي ڪندا ويا. انهن مان هڪ چيو:"سرڪاري وڪيل جو آواز ڏاڍو سنهو هو ۽ تنهنجي وڪيل جو گرجندڙ". هڪ مسافر ٻئي کي چيو:"يار مان انگريزي تہ نہ ڄاڻان، پر جڏهن سرڪاري وڪيل تقرير ٿي ڪئي تہ هن ڪئي پئي "ڪِيٽ، پِيٽ، ڪيٽ پيٽ" باقي اسان جو وڪيل واهہ جو هو. هن تقرير پئي ڪئي تہ ڄڻ ڪيائين پئي "ڪاٽِ پاٽِ، ڪاٽ پاٽِ."

مون انهيءَ مسافر کان پڇيوتہ "بچاءَ جو وڪيل ڪير آتو؟" موٽ ۾ تنهنجو نالو ٻڌايائين.

مان شڪي ٿي ويس. ڇا قدرت منهنجي عمر ائين ٿي ضايع ڪرڻ ٿي گهري! ڪاٽ پاٽ ۽ گنڊڪاٽ جي چڪر ۾؟ مان جڏهن ٽيون درجو انگريزي پڙهندو هوس تہ مون کي اثر صهبائي جو هڪ شعر ياد هوندو هو جو پوءِ ڏيان جي کنهن چور خاني ۾ ڇُپي ويو هو. اوچتو اهو شعر ٻاهر نڪري آيو جو ڪجهہ هيئن هو:

> کیا بنانا تھا مصور کو بنا کیا آخر،
> اپنی بگڑی ہوئی تصویر پہ خنداں ہوں میں
>
> مصور کي ڇا ٺاهڻو هو ۽ آخر ڇا ٺهيو.
> پنهنجيءَ بگڙيل تصوير تي مان حيران آهيان.

علي عباس ڪافي وقت لاءِ خيرپور جو ڊي. پي. هو ۽ مون هن جي خلاف ڪافي ڪيس هلايا هئا، جي گهڻو ڪري مون کٽيا هئا. علي عباس شيعو هو ۽ هن "نهج البلاغہ" جي مون لاءِ ڪاپي گهرائي هئي، جيڪا پوءِ ڪوئي شيعو دوست کٽي ويو هو تہ ڪونہ موٽائي هيائين. جڏهن خيرپور ۽ سکر جي وچ تي نيڙهي ڳوٺ ۾ شيعہ سني فساد ٿيا تہ منهجيءَ زال زرينہ جو سڳو چاچو مظهر علي شيخ خيرپور جو ڊپٽي ڪمشنر هو پر هو ڪوئي اثرائتو قدم نہ کٽي سگهيو ۽ اٽڪل ٽي سئو شيعا ماريا ويا. نيڙهيءَ ۾ سُني فرقي جو آڏو هو ۽ اتي ٻن شيعن جا گهر هئا، جتي عَلم لهرائيندو هو. واقعي واري محرم جي مهيني ۾ شيعن الائي ڇو خيرپور مان جلوس ڪڍيو هو ۽ نيڙهيءَ ۾ بہ سُني کهاڙيون تکيون ڪيون ويٺا ها ۽ وَٽ وَٽ تي وئي هئي.

اٽڪل ٽي سئو شيعا بي گناهہ ماريا ويا ها ۽ جڻ ٻيو ڪربلا جو واقعو ٿيو هو.

اهي شيعا سني فساد اسان وٽ مهاجرن جي اچڻ کان اڳ نہ ٿيندا ها. اردوءَ جي مير انيس ۽ دبير جي طرز تي ثابت علي شاهہ جا مرثيا چيا ويندا ها، پر اِهي ڦڪا، بي چسا ۽ الوٽا هوندا ها ۽ اردو مرثئي جي دز کي بہ نہ ڇهندا ها. سنڌي سني بہ ڪارا ڪپڙا ڪري محرم ۾ شريڪ ٿيندا ها ۽ جيتوڻيڪ اُهي پاڻ کي زنجيرن سان سَٽ ڪُٽ نہ ڪندا ها، تڏهن بہ هانوَ تي هٿ هڻي هاءِ هاءِ ڪندا ها. روهڙيءَ ۾ محرم زور شور سان ملهايو ويندو هو ۽ ڪيترائي سني بہ رؤنشي ڪاڻ، ڪارا ڪپڙا پائي اُتي ويندا ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شيعا سني راهہ ويندي نوڪ جهونڪ ڪندا ها. مون کي روهڙيءَ واري قاضي پريل وڪيل (جو بہ منهنجو دوست هو) ٻڌايو هو تہ شيعا وڏيون مڇيون رکندا آهن ۽ سُني ننڍيون رکندا آهن. روهڙيءَ جي ڪنهن بہ گهٽيءَ ۾ جڏهن ڪوئي سُني شيعي جي پاسي کان لنگهندو تہ هن کي ٽوڪ سان چوندو آهي "هئہ مُڇڙو (او وڏين مُڇن وارا!) تہ شيعو ڪيس جواب ۾ ٽوڪ سان چوندو آهي "هئہ ڪتڙوا" يعني او ڪتيل مُڇن وارا."

لکنئو ۾ ائين نہ ٿيندو هو. اُتي ماه محرم ۾ چاقو ڇري ضرور هلندي هئي. باقي محرم کي ادبي ماحول بہ هوندو هو. انيس ۽ دبير جي شاعري مجلسن کي گرمائيندي هئي. ٻيو تہ نهيو پر جوش مليح آبادي، جنهن جي ڪفريا ايمان تي ماڻهو متّفق نہ هوندا ها ۽ اڪثر هُن کي دهريو چوندا ها، محرم ۾ پنهنجو طويل نظم "حسين اور انقلاب" پڙهندو هو جو ٻڌي سامعين هاءِ هاءِ ڪندا ها ۽ ڳوڙها ڳاڙيندا ها. امام حسين کي جوش سامراج دشمنيءَ جي علامت ٻڌائي چڪو هو. ڊاڪٽر عاليا امام جا بہ منهنجي دوست آهي ۽ پاڻ بہ اهلِ شيعہ آهي. مون کي شيعن جي باري ۾ اڪٿ لطيفا ٻُڌائيندي هئي، جي مون کي ياد نہ رهيا آهن. هندستان جا اڪثر دانشور ۽ شاعر شيعا هوندا ها. جوش مليح آبادي، سجاد ظهير، اسرارالحق، مجاز سبطِ حسن وغيره سڀ شيعا ها. ان جي برعڪس سنڌ جا اڪثر دانشور ۽ شاعر سُني ٿيا آهن.

مون ڳالهہ ٿي ڪئي نيڙهيءَ جي فساد ۽ ڊي. پي. پي خيرپور علي عباس جي، هُن سان جڏهن ڪنهن شيعي ليڊر مشورو ڪيو تہ "ڪيس ۾ ڪهڙو وڪيل ڪجي؟"

تہ يڪدم چيائين:

"شيخ اياز"

جنهن تي ڪنهن اعتراض ونندي چيو تہ:

"هو سني آهي!"

"هو سني بہ آهي، شيعو بہ آهي." ڪين علي عباس چيو.

"هن مون کان "نهج البلاغہ" خريد ڪيو هو. اهو تي سگهي ٿو تہ هو نہ شيعو آهي، نہ سُني آهي، باقي مان اوهان کي ايتري خاطري ٿو ڏيان تہ هن کان وڏيڪ ديانتداريءَ ۽ قابليت سان اوهان جو ڪيس ٻيو ڪوبہ وڪيل نہ هلائي سگهندو."

نتيجو اهو ٿيو تہ شيعن مونکي وڪيل ڪيو. نہ رڳو اهو پر جڏهن ٽيڙهي مدرسي جو مدارالمهام قتل ٿي ويو ۽ ڪيس ۾ بہ شيعا چالان ٿيا، تڏهن بہ جويدارن مون کي وڪيل ڪيو.

منهنجو هڪ دوست، جنهن کي ٺڙي نڪاوَ جو اجا تائين شوق آهي، اهو عوامي ادب جي تخليق لاءِ هڪ پان ٻيڙيءَ واري سان بہ دوستي رکندو هو.

هڪ ڀيري پان ٻيڙيءَ وارو وٽس ويو ۽ چيائينس:

"پنج سئو روپيا ميڙيا اٿم. ٻڌاءِ تہ اهي ڪيئن خرچ ڪريان." (تن ڏينهن ۾ پنج سئو رپيا گهٽي رقم هوندي هئي.)

"ٻي شادي ڪر. ٽي چئين سوين ۾ نوجوان ڇوڪري ملي ويندي‌ءِ."

منهنجي دوست کيس چيو.

"اُون هون! مان هڪ مان ئي بيزار آهيان." پان ٻيڙي واري چيو.

"ڏاندن جي گوءِ تي شرط رک." منهنجي دوست کيس ٻي صلاح ڏني.

"هنن منهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جو انهن کي سهڪائي ماريان." پان ٻيڙي واري چيو.

"پلا ڪو دشمن آٿي؟" منهنجي دوست هن کان پڇيو.

"ها، فلاڻي سان پراڻي دشمني آهي." پان ٻيڙيءَ واري چيو.

"تہ پوءِ شيخ اياز کي وڪيل ڪر، دشمن تي ڪيس ڪر ۽ اياز کي اِهي پئسا فيءَ ۾ ڏي."

منهنجي دوست کيس آخري صلاح ڏني.

"صلاح تہ سُني آهي، پر جي ڪيس هارايان تہ...."

منهنجي دوست کيس چيو تہ:

”پوءِ مان ضامن آهيان. توکي في مان پري ڏيندس.“

پان ٻيڙيءَ وارو مون وٽ منهنجي دوست جي چٺي کڻي آيو جنهن ۾ ساري گفتگو درج هئي. مون جڏهن چٺي پڙهي، تڏهن ٺهڪ ڏئي هن کي چيم:

”بابا، جيئي شاهہ تي نذرانو ڏئي اچ. هو ٻئي جهان ۾ تنهنجي وڪالت ڪندو.“

”اها صلاح تہ سپ ڪان سٺي آهي.“ پان ٻيڙيءَ واري چيو ۽ سڌو جيئي شاهہ ڏانهن پنڌ پيڙيائين.

ان کان اڳ ۾ جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هوس، تڏهن پهريون تہ مرحوم جمال صديقي ۽ عبدالحي قريشيءَ جو پائيوار هوندو هوس. هو ٻئي منهنجا ڪلاس فيلو بہ رهيا ها. (عبدالحي قريشي پوءِ سنڌ هاءِڪورٽ جي چيف جج جي عهدي تان ڪجهہ سال اڳ رٽائر ڪيو.) اسان وٽ هڪ طلاق جو ڪيس آيو. (طلاق جا ڪيس مان آخر تائين ڪٺندو هوس، توڙي اُهي سِوِل ڪيس هوندا ها، چو تہ اُنهن ۾ ٻاهر رک رکاوَ واري گهرو تعلقات ۾ اندر جو ٽناءُ ۽ ڪنچاوٽ هوندي هئي، اها ڏسي مون کي مزو ايندو هو.) انهيءَ ڪيس ۾ مرحوم جمال جو خيال هو تہ اسان دعويٰ ۾ اهو سبب ڏيکاريون تہ ڇوڪريءَ جي شاديءَ کي ٽي سال ٿيا آهن. پر اجا ڪنواري آهي هن جي مڙس ۾ ڪائي خامي آهي. هاڻي هوءَ ارڙهين ورهين جي ٿي آهي ۽ قانون موجب طلاق گهري سگهي ٿي. ان لاءِ ڇوڪريءَ جي ڪنوارپ جي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جي ضرورت آهي. هن مون کي چيو تہ سول اسپتال جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ مسٽر پمپاڻيءَ جا توسان تعلقات آهن ۽ هن کي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ وٺي ڏي. (هو ماڊوءَ جو مائٽ هو جو مون سان گڏ ساڳي فليٽ ۾ رهندو هو جڏهن حشوءَ کي جلاوطن ڪيو هيائون.)

ڇوڪريءَ سان گڏ هُن جي ماءُ بہ ويٺي هئي.

مون جڏهن ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ: ”تون اجا ڪنواري آهين؟“

تڏهن هن جي ماءُ رڙ ڪري چيو:

”ڇو ڪُنواري آهي. جوانن جهڙي جوان آهي!“

مون کان کل نڪري وئي. جمال ڇوڪريءَ کي چيو تہ، هوءَ مون سان رڪشا ۾ وڃي تہ هن کي اڌ ڪلاڪ اندر سرٽيفڪيٽ وٺي ڏيندم. رڪشا

۾ فقط ٻہ ماڻهو پوئين سيٽ تي ويهي ٿي سگهيا. جڏهن هوءَ ۽ مان رڪشا ۾ ويٺاسين،تڏهن رڪشا واري پٺيان پلاسٽڪ جا پردا لاهي ڇڏيا. مون کان ڪِل نہ ٿي بيٺي ۽ مون هن کي ٺهڪ ڏئي چيو:

”تون ڪنواري آهين يا جوانن جهڙي جوان آهين.“

هن منهنجي ٻانهہ ۾ ٻانهن وجهي چيو:

”اهڙي جوانن جهڙي جوان آهيان، جهڙو تون آهين.“

هوءَ قداور، سانوري سلوڻي صورت واري سترهن ارڙهن ورهين جي ڇوڪري هئي. مشڪل سان مون هن جي ٻانهن ڳچيءَ مان ڪڍي

سکر ۾ جڏهن مون وڪالت جي شروعات ڪئي تہ مون کي طلاق جي ڪيس ۾ هڪ اپيل ملي. منهنجي سنڌي مُوڪل هيٺين ڪورٽ ۾ ڪيس هارايو هو ۽ پنهنجي وڪيل مان مطمئن نہ هئي. هن ۾ بلا جي خوبصورتي هئي ۽ گهڙيءَ ۾ پيٺڻ نانگ وانگر منهنجون اکيون جهانورائي ڇڏيون هيائين. هن پنهنجي حقيقت ٻڌائي چيو تہ:

”وڪيل صاحب! مان آهيان غريب، پر جيڪا في چوندين، مان توکي پٽي سٽي ڏينديس.“ هن ٿڌو ساهہ ڀري چيو:

”في؟“ مون هن کي گهوريندي چيو.

”نہ، هي ڪيس مان في سبيل الله ڪٽندس.“

هوءَ کلي ۽ هن جي کل ائين هئي، ڄڻ ڪوئي ٻُڪ ۾ چانديءَ جا ربيا کڙڪائي رهيو هو.

ٻئي پيري هڪ مئجسٽريٽ وٽ ڪنهن پرٽيل زال مڙس جي خلاف خرچ لاءِ ڪيس وڌو.

منهنجي ڦوهہ جواني هئي ۽ ان وقت هيٺين ڪورٽن ۾ ڪجهہ ڪيس بہ ڪٽندو هوس. مون جڏهن عرضدار جي زال کي شاهديءَ واري پڃري ۾ ڏٺو تہ چنڊ جو ٽڪرو ٿي لڳي. هن شاهديءَ جي وچ ۾ مئجسٽريٽ کي چيو:

”سائين!مان هن کي ٻانهون ٿي ٻڌان، مون کي گهر وٺي هلي، مون کي خرچ نہ گهرجي.“

مئجسٽريٽ عرضدار کي ڏسي چيو:

ههڙيءَ جوان زال کي گهر ڇو نٿو وٺي وڃين؟“

اِن تي عرضدار چيو:

”هن ڪان اڳي منهنجي ٻي زال آهي. مان هن جوئي خرچ پري نٿو سگهان. مان هن کي هتي ڪورٽ ۾ ئي طلاق ٿو ڏيان.“

اِن تي شاهدن جي پڇري مان نڪري ڇوڪري هن جي پيرن تي اچي ڪِري ۽ چيائينس:

”مون کي طلاق نہ ڏي، مان رُکي سُکيءَ تي گذر ڪندس.“

هن جي مڙس جواب ۾ مئجسٽريٽ کي چيو:

”صاحب! هيءَ هتي ايڏي معصوم ٿي لڳي. گهر ۾ ٻليءَ وانگر رانيوٽا پائيندي آهي.“

مئجسٽريٽ ڪيس ملتوي ڪري ڇڏيو.

مون تي خود هڪ ڪيس الف 123 پ. پ. ڪ هيٺ ٿيو هو جو پاڪستان خلاف بغاوت سبب ڪيو ويندو آهي ۽ جو مون کان اڳ رڳو خان عبدالغفار خان تي ٿيو هو. ان وقت سکر جي ايس. پي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو هو تہ هي وٽ ۾ نٿو اچي ۽ هن کي ڪائي سيڪٽ ڏني وڃي. پوليس مون تي بغاوت جي ايف. آءِ. آر لکي جاچ شروع ڪئي هئي. هڪ سنڌي سي. آءِ. ڊي وارو جنهن جي جيئي سنڌ تحريڪ سان دلچسپي هئي ۽ جو پنهنجي بالا عملدارن سان سخت ناراض هو ڇو تہ اهي سڀ غير سنڌي هيا، تنهن مون کي آفيس ۾ اچي ٻڌايو تہ:

”سازش سٽي وئي آهي تہ اوهان کي هٿ ڪڙيون هڻي ساري سکر شهر ۾ پيرين پنڌ گهمايو وڃي، جيئن ماڻهو اوهان مان بدظن ٿين ۽ تنهنجي وڪالت ختم ٿي وڃي.“

ان وقت نورخان اولهہ پاڪستان جو گورنر هيو جنهن سان سائين جي.ايم. سيد جو ڪافي رستو هيو ۽ مون کي پتو پيو هو تہ سائين هن وٽ لاهور وڃڻ وارو آهي. سي. آءِ. ڊيءَ واري کي رخصت ڪري مون چيو تہ:

”فڪر نہ ڪر، مان معاملي کي سنڀالي وٺندس، تون مون کي خبر ڏجانءِ تہ هو مون کي گرفتار ڪڏهن ٿا ڪن.“

هو ويو تہ مون هيٺيون پارسيءَ جو شعر جهونگاريو:

بہ جرم عشق تو ام میکشند و غوغا ایست
تونیز برلبِ بام آکہ خوش تماشا ایست

ترجمو: تنهنجي عشق جي ڏوهہ ۾ آهيان، مون کي ٻيرا ٿا ڪن ۽

ڪتي نہ پيجبو تڪُ مسافر
غوغاءُ آهي،
تون بہ پنهنجي ڪوٺي تان ڏس، چڳيرڙو تماشو آهي.
مون سائين جي. ايم. سيد کان پڇيو تہ هو سن ۾ هوندو جي مان ڀي ڏينهن تي اچان.
هن چيو تہ:
”ڀلي هلي آءُ.“
مون تن ڏينهن ۾ نئين ٽويوٽا ڪارونا ڪار ورتي هئي. مان ڪار ۾ دادو ڪئنال تان اڍائي سوَ ميل سفر ڪري سَن پهتس. رستي تي ٻنهي پاسي ڪافي نمر، سرنهن ۽ ڪنڊيءَ جا وڻ هيا ۽ چانورڙي ۾ بند تي ڳيرا گهگو گُهو ڪري رهيا ها، ڪبوتر ۽ ڪانوَ اڏامي رهيا ها ۽ ڪجهہ موسمي پکي پاڻيءَ تي تري رهيا ها. ڪڏهن ڪوڪڙا ٽن جا ولر هوا ۾ ڦيراٽيون ڏئي ڪنهن وڻ تي وڳر ڪري ٽي ويٺا. مون سوچيو:
پکيءَ کي ڪار جي ضرورت نہ آهي. هو هڪ وڻ کان ٻئي وڻ تائين اُڏاري ڏئي وڃي ٿو. ارتقا ۾ انسان وڃايو گهڻو آهي، پاتو ٿورو آهي.
بہ پهريءَ مهل سائين جي. ايم. سيد وٽ پهتمر. هو اوطاق ۾ موجود هو ۽ وڏيءَ شفقت سان ياڪر پاتائين. هُن پهريون سوال پڇيو:
”هيءَ ڪار هاڻي وتي اٿئي ڇا؟“
مون چيو:
”اڳين شِوَرليٽ اجا وِڪي ناهي، پر اُها سن جي ڊگهي سفر جي قابل نہ هئي.“
ان کان پوءِ سائينءَ جي سامهون کٽ تي ويٺس. پاڻ ماني نہ کاڌي هيائون، جا يڪدمر اچي وئي. سيد جو دسترخوان ڪشادو آهي. مومن مليرائي نالي هڪ شاعر بہ موجود هو، جنهن سان سائين چرچا ڀڳهبا ڪري دل وندرائيندو هو. هُو جي. ايم. سيد جو ملان دوپيازو هو. مانيءَ کانپوءِ مون جي. ايم. سيد کي چيو تہ:
”اوهان سان خلوت ۾ ڳالهائڻو آهي.“
هن مومن کي چيو تہ ڪجهہ پري پيل ڪرسين تي وڃي ويهي. ان وقت مان جي. ايم. سيد جي جيئي سنڌ تحريڪ جو ساٿو هٿ هوس ۽ هن مون سان هڪ بہ پيرا ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو هو تہ ڪائنس پوءِ مان جيئي سنڌ

تحريڪ جي سرواٽي سنڀاليان. پر مون هن کي روڪي چيو هو:

”خدا اوهان کي سئو ورهين ڪان مٿي حياتي ڏيندو ۽ تيستائين جيئي سنڌ تحريڪ پنهنجي منزل مقصود تي رسي ويندي.“

مون هن کي مٿين سازش جي باري ۾ ٻڌائي چيو:

”سائين! مون کي گرفتاريءَ يا ڪيس جو ڀوءُ نہ آهي. مان خود قانون ڄاڻان ۽ اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ سکر جا احمق پوليس وارا مون تي ڪهڙو مضبوط ڪيس ٺاهي سگهندا. ان جي مون کي ڪائي پرواهہ نہ آهي. پر هيءَ جيڪا سازش رٿي وئي آهي، اها منهنجي وڪالت کي ختم ڪرڻ لاءِ آهي. اوهان ڄاڻو ٿا تہ مان جيڪي جيئي سنڌ تحريڪ لاءِ پنج ڊوڙ ۾ خرچ ڪريان ٿو ان لاءِ پيسو وڪالت جي ذريعي ٿو ڪمايان. اوهان نورخان......“

يڪدم هن مون کي ڳنڍي چيو:

”مان پرينهن نورخان سان ملڻ لاهور ويندس. ڇڱو جو تو اِها مون کي ڳالهہ ڪئي. تون فڪر نہ ڪر. مان هن کي چوندس تہ ايس. پي کي فون ڪري ۽ توتي ڪيس چالان نہ ڪيو وڃي.“

مون رات جي. ايم. سيد وٽ گذاري. ماتليءَ وارو رئيس ڪريم بخش نظاماڻي بہ اچي نڪتو جو سائينءَ جو وڏو معتقد هو. هن پهرين سنڌي فلم 'ايڪتا' ٺاهي هئي ۽ اُن ۾ هيرو جو رول بہ ڪيو هيائين. هن پوءِ پنهنجي ڏکي آتم ڪهاڻي ”ڪيئي ڪتاب“ جي نالي سان لکي، جا ابراهيم جوئي جي اتساهہ ڏيڻ تي ڇپرائي وئي. جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، (ان جي نئين ايڊيشن نيوفيلڊبس پاران فيروز احمد ميمڻ تازو ڇپرائي آهي.) جنهن ۾ ڪنهن مرحوم رئيس کي برغلائي منهنجي خلاف ڪجهہ لکرايو هو جو بلڪل صحيح ڪونہ هو. (بدفطرت ۽ شيطان صفت انسان ممڻ مچائڻ ۾ خوش ٿيندا آهن پر مان وَس پڄندي ڪين وٽي نہ ڏيندو آهيان.) ڪريم بخش نظاماڻيءَ سان مون اها رات ناوونوش ۾ گذاري ۽ هو دف تي واري سان ايڏي زور سان ڏڪ هڻي رهيو هو جو منڇر تان سپ آڙيون سائبيريا اُڏامي ويون هونديون. هن سان ٻيون ڪيتريون ڪچهريون بہ ڪيون هيون، جن جي باري ۾ پوءِ لکندس.

اُن رات مون کي جي. ايم. سيد چيو: ”هي خط دادوءَ ۾ علڻ خان لغاريءَ کي ڏيندو وڃجانءِ.“

مون دادوءَ ۾ علڻ خان کي سيد جو خط ڏنو جو هن يڪدم پڙهيو ۽ ٻہ ڀيريءَجي مانيءَ ۾ رڌل آڙيون ۽ نان کارايا. هفتي کن کان پوءِ مان ٻيهر سکر مان جي. ايم. سيد وَٽ موٽي آيس. هُن ڀريون سوال تہ اِهو پڇيو:

"علڻ خان کي منهنجو خط ڏنو هُيئہ؟"

"هائو"

"هن توکي ماني کارائي."

"هائو"

"ماني چڱي هئي؟"

"هائو"

سائينءَ تي جڻ بهشت جي هير جو جهلڪو لڳو ۽ جڻ ڪوثر يا تسنيم جي ڪناري تي ڪنهن گل وانگر ٻهڪڻ لڳو. هاڻي مون بنا ڪنهن تمهيد جي هُن کان پڇيو:

"سائين اوهان نورخان سان مليا هُيئہ؟"

"هائو"

"اوهان هُن سان منهنجي باري ۾ ڳالهايو هو."

"مان هن وٽ چوويهہ ڳالهيون ڪٽي ويو هوس. اجا يارهين ڪيم تہ مانيءَ جو وقت ٿي ويو. هن چيو هَلُ تہ هلون، ماني کائون باقي مسئلا ٻي ڀيري حل ڪنداسين."

"انهن يارهين ڳالهين ۾ منهنجي بہ ڳالهہ هئي؟"

"نہ. تنهنجي ڳالهہ اجا هُن سان ڪرڻي هئي."

ايتري ۾ ماني اچي وئي. روزيءَ کي ڪيئن ٿو نڪرائي سگهجي! هيءَ سنڌ آهي. هتي ڌرتي ماتا چوڻ وارا بيوقوف آهن. روٽي ماتا حقيقت آهي. مون بہ چار گرهہ زهر مار ڪري ڪاڏا ۽ سائينءَ کان موڪلايو.

"ايتري ۾ وڃين بہ ٿو!"

"پنتي منهنجي زال ۽ ٻار اَڪيلا آهن. معلوم نہ آهي تہ سرڪار ڪهڙو قدم کڻي."

هو مون کي پنهنجيءَ ڪار تائين ڇڏڻ آيو ۽ "في امان الله" چئي، ياڪر پائي موڪلايائين. مان ڪار ۾ چڙهي سکر روانو ٿيس، مون کي ايتري ذهني ڪوفت ٿي، جيڪڏهن ڪوئي چاتيءَ ۾ ڇُرو هڻي ها تہ نہ ٿئي ها. پر

سن جي سائينءَ کي مون ميارَ نہ ڏني. رستي تي خدا اوچتو گهٽائون مٿان آسمان تي سائبان وانگر لڳائي ڇڏيون ۽ سکر تائين نہ اُس نڪتي، نہ بونداباري ٿي. قدرت جو هٿ سارو وقت منهنجي مٿي تي هو. مون مرڪي مٿي ڏٺو. مون کي يقين ٿي ويو تہ دنيا جا، حاڪمِ وقت، جي رڳو هڏا ٿِي ويٺا آهن. منهنجو ڇا بگاڙي سگهندا؟ مان آمريءَ کان وڏيڪ اَمر آهيان! پلي سيد مُنهنجي ٻانهن مان هٿ ڪڍي وئي، مون کي لهر لوڏو نہ آهي. مان تہ خود سمنڊ آهيان. مون لاءِ لهرن ۽ لوڏن جي ڪهڙي حقيقت آهي! باقي احوال "ساهيوال جيل جي ڊائري" ۾ آهي.

مان ساهيوال جيل مان نڪتس ۽ سکر ۾ 1976ع تائين وڪالت ڪيم. وڪالت ۾ مون لاءِ نيم - ادبي مصروفيت هئي، اُن جي ذريعي آئين ۽ قانون سان آشنائي ٿي ۽ مون ڏٺو تہ ڪيئي آمر اُن کي ائين استعمال ٿا ڪن، جيئن ٻار جوئر جي ڪاني تي لانگ وُرائي اُن کي گهوڙي وانگر استعمال ڪندا آهن. اڄا ڪائي ترميم پڙهي پوري نہ ٿي ڪئي تہ ان جي ترميم ڪئي ٿي وئي: بيورڪرئٽ، خچر جي آچار هيا ۽ گڏهہ وانگر گوهي بہ ڪري رهيا ها. ان وچ ۾ بار روم ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون، وڪيل وقت تي ڪيس هلائي اچي اُتي ويهندا هيا ۽ چرچو لائي ڏيندا هُيا. ڪيئي سياستدان آيا، جن ۾ چوڌري محمد علي، مودودي، جي. ايم. سيد، رسول بخش پليجو آريسر، جام ساقي، وسيم سجاد وغيره شامل آهن، سڀ پنهنجون ٻولڙيون ٻولي ويا. سکر ڊسٽرڪٽ ۽ هاءِ ڪورٽ بار، منهنجي وائيس چانسلر ٿيڻ کان اڳ ۽ پوءِ سياسي آکاڙو رهي. پنهنجي جَت مان تہ جان ڇٽي وئي هئي، پر رَتيءَ جي رهاڻ اڄا هئي. اهو وقت مان بئنڪ ۾ ايل. سي (L.C) کولي آمريڪا مان نوان ڪتاب گهرائيندو هوس. 13 ڊالرن جو ڪتاب هڪ ڊالر ۾ ايندو هو ۽ چئن ڪتابن تي هڪ ڪتاب تحفي طور موڪليندا هيا. ان دور ۾ مون بورجوا ادب ۾ ڪميونزم جي ترديد ڪندڙ (Dissident) ادب ڪافي پڙهيو جڏهن منهنجا همعصر رڳو ماسڪو ۾ ڇپيل ڪتاب پڙهندا هئا، جي رُبئي سوا وڪامندا ها. مُنهنجو ڊائريون بہ ڪيتريون آهن، پر ساهيوال جيل کان ٻاهر ڪا سلسليوار ڊائري نہ رکي آهي.

اڪثر سيشن جج عذاب ها، نيم خوانده، قانون ڪانسواءِ دنيا جي هر

علم کان بي بهرا، ضدي، خودسَر، سطحي ۽ ڪوتاهہ بين! پيو تہ ٺهيو پر ڪن جي جنسي بي راهہ روي تہ ساري شهر ۾ مشهور هئي. هڪ جج جو مشهور Homo Sexual (ساڳي جنس سان عيش پرستيءَ جو قائل) هو تنهن هڪ ڀيري چيو:

"تون سنڌيءَ جو وڏو ماهر آهين. ڪو Homo Sexual جهڙو شريف لفظ سنڌي ۾ ڳولي ڏيہ مون ڪي تہ چيُ.... چئي ماري وڏو اٽائون."

هڪڙو وڪيل پنهنجي نوڪر کي پنهنجو ڪمر ڪش ڪوٺيندو هو. پيو پئسا ڪمائي، وئڪيشن ۾ دنيا جا چڪر ڏيندو هو جيئن هو قحبائن ۾ گيشائن سان ملي سگهي. هڪ ڀيري هن مون کي ٻڌايو هو تہ:

"هو فرئنڪ فرٽ مان رستي تان ويو تي تہ سامهون بالڪنيءَ ۾ بيٺل هڪ قحبہ هن کي اسڪرٽ مٿي ڪري انگ ڏيکاريا."

مون هن کان صرف ايترو پڇيو :

"ڇا اُهي سنڌي عورت جي انگن کان مختلف هئا؟"

هڪ ڀيري خيرپور ۾ هڪ جج جي چيمبر ۾ ويٺو هوس. هو سکر ۾ بہ رهيو هو ۽ منهنجو واقف هو. هن وٽ بہ ٽي ٻيا وڪيل بہ ويٺا هئا. هن سارو وقت هم جنس پرستيءَ جي باري ۾ ڳالهيون ٿي ڪيون. مان پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهہ لکي رهيو هوس. هن رنج ٿي چيو:

"ڇا ٿو لکين؟"

"معاهدو ٿو لکان." مون وراڻيو.

"ڪهڙو معاهدو؟" هن پڇيو:

"اِهو تہ بهشت ۾ تنهنجون حورون مون کي ملن، منهنجا غلمان توکي ملن." مون چيو.

ان تي ويٺل وڪيل ڏاڍو کليا ۽ چيائون:

"اسان بہ سيئي حورون توکي ڏنيون، پنهنجو هڪ بہ غلمان اسان ڏي بہ لاڙجانءِ."

اهڙيءَ قوم سان منهنجو ڪم پيو هو وڪالت جي پيشي ۾! بہ ٽي ڊينڊا، ڊٽا، ڊيمڪٽا جج هوندا هئا! ڪيڏو نہ غرور هوندو هو انهن کي! ڪورٽ جي ڪاريڊار ۾ ائين گهمندا هئا، جڻ بدڪ آنو لاهڻ لاءِ وڃي رهي آهي!

مان جڏهن کان بيمار ٿي ڪراچي آيو آهيان، تہ اهڙي صحبت کان

نجات لاءِ خدا جو شڪر بجا آندو اٿم. ها، وڪالت ۾ منهنجا ڪافي دوست مڙس ماڻهو هوندا هئا. حبيب الله، نظام بلوچ، حنيف منگي، غني شيخ ۽ ڪجهه ٻيا، جي عورت سان عشق کي اهميت ڏيندا هئا ۽ قوم لوط کي حقارت سان ڏسندا هئا. منهنجي وڪالت جي زندگي تمام وڏو داستان آهي، جنهن ۾ ڪيتري ڪُت خلق آئي آهي! راشي، ڪامورا، ڪم چور ۽ ڳنڍ_ ڪپ وڪيل، ظالم ۽ جابر پوليس آفيسر، منشيءَ مڙي، ڪاموري ڪڙي جا پيڙيل اصيل، بگهڙن ۽ چيتن جهڙا ڏوهاري، لونبڙن جهڙا ٺڳ، گهر جي گهاٽي ۾ جوٽيل عورتن جي سارو ڏينهن سخت پورهيو ڪرڻ جي باوجود ٻه مرد جي ٺُڪ لعنت ۾ هونديون هيون، چرس ۽ عورتن جا اڏا هلائيندڙ قانون جا ڪيڙا،جعل ساز ۽ نؤسرباز جن جو مطالعو اي. آءِ. آر ۽ پي. ايل. ڊي ۽ ٻين لا رپورٽن کان سواءِ ڪجهه ٻه نه هو ۽ پوري اخبار ٻه نه پڙهندا هئا ۽ اهي جي وڪالت کي سياست ۽ سياست کي دولت ۽ اقتدار جو ذريعو سمجهندا هئا. اُنهن تي مان ڏهه ڪتاب لکي ٿو سگهان. هي ته ڪجهه يادگيريون هيون، جي هن سفرنامي ۾ ذهن جا دروازا کولي بنا اجازت جي هليون آيون آهن.

مسلسل سڪر جي ذڪر سبب ياد مون کي اُهو ٻه ٻڌائي پئي ته ان شهر ۾ مون محبتون ٻه ايتريون ڪيون آهن، جو لارڊ بائرن جي صف ۾ ويهي ٿو سگهان. بهرصورت هن عمر ۾ان ڳالهه جي تفصيل نه رکڻو غير ضروري آهي، پر ندامت جو باعث ٻه آهي. مان ڪو جوش مليح آبادي نه آهيان،ته مون کي ”يادون کي بارات“ لکڻو آهي ۽ نه هن وانگر پنهنجيءَ بيگم کان چوائڻو آهي:

”ماريو ڪوڙ ٿو ڳالهائي.“

پر مان ايترو ضرور چوندس ته عورت ۾ مون کي آدرشي عورت جي تلاش هوندي هئي، جا مون کي آخر تائين ملي نه سگهي. سڀ عشق خود فريبي هئا، اها ٻي ڳالهه آهي ته اهي شراب وانگر شاعريءَ لاءِ مهميز هئا. انهن جذبات کي اهڙي جادوگريءَ ۾ پٽڪايو، جو ڪنهن وقت ته مومل کي سومل جي ٻڪ ۾ ڏسي ٻه ڪريپ نه آئي.

اياز هاڻي وري پنتي موٽ! پنهنجي اصل موضوع کان ڪيترو اڳي نڪري آيو آهين! جمال ابڙي کان جدا ٿي ڪافي وقت ٿي ويو آهي ۽ هن کي اسلام ڪوٽ ۾ سيٺ نهال وٽ ڇڏي آيو آهين. ابراهيم جويو ۽ رشيد پٽي ٻه انتظار ڪندا هوندا . بهتر ٿيندو ته پنتي موٽان. منهنجو من ڪيڏو نه

چنچل آهي! هڪ ورانگهہ سان ضلعا، صُوبا، مُلڪ، ڪَنڌ ٽپي ٿو وڃي. في الحال اُن تي روڪ رکي، وري پنٽي وران انهيءَ چوپاريءَ ڏانهن، جا سيٺ نهال چند جي اوطاق ۾ ڪچهري ڪري رهي آهي، ڪيڏي نہ گرمجوشي ۽ محبت آهي هن ۾، پنهنجپائيءَ کي بہ ڪا حد ٿيندي آهي!

مٺي هاٽي ضلعو آهي، اُن وقت تعلقو هو ۽ اسلام ڪوٽ مٺيءَ ۾ مشهور شهر هو. پهريون ان جو نالو "اسلام ڳڙهہ " هو جو ٽالپر دؤر ۾ رکيو ويو هو. ڳڙهہ مان ڪوٽ ڇو ٿيو؟ اهو مان نہ ٿو ڇئي سگهان . حيرت آهي تہ انهيءَ اسلام جي ڳڙهہ يا ڪوٽ جو مُکي هڪ هندو هو! نهال چند وَٽ ڪچهريءَ ۾ لهاٽا بہ هئا، جي پڙهيل ڳڙهيل هئا! نَڪر، ڪولهي، مينگهواڙ ۽ ٻيون ذاتيون بہ هيون. پهريون اسان چانهہ پيتي، پوءِ ڪجهہ راڳ ٻڌاسين . انهن راڳن مارواڙي، ڪاٺياواڙي ۽ گجراتي سنگيت مان جنم ورتو هو. اُتي ڳائڻ وڄائڻ وارا نهال چند جا برخوردار بہ هُئا ۽ مڱڻهار بہ هئا. هڪڙي راڳيءَ تہ "گاڏيئڙو" ائين ڳاتو جو هن جي آواز مان ٻيل گاڏيءَ جي هلڻ جو آواز پئي آيو. پئي ڪنهن پکيءَ جي باري ۾ گيت ڳاتو ۽ هن کي مٺيءَ ٻوليءَ ٻولڻو ٽي چيائين. شايد اهو پکي انساني روح جي علامت هو. مائي پاڳيءَ جي سُر ۾ امر گيتن مان"نهين ماروي ري"، "ڪڙي نيم کي نيچي" "پکا پکن سامهان"، "پوپٽيا" ٻڌايا. مون پاڳيءَ جو ڪئسٽ بہ ٻڌو آهي. ائين ٿو لڳي تہ هن کي اونو رڳو اهو آهي تہ ٿر جا گيت زندهہ رهن. اسيمبليون ڪهڙا بہ قانون ناهن، ان سان واسطو نہ آهي. قانون عارضي آهي، گيت پاينده آهي. هر آمر جو آخري آرامگاهہ ڌرتيءَ جا ڪجهہ فوٽ آهن. شاعر جي والار ساري ڪائنات ۾ آهي. شيڪسپيئر ڪنهن ڊرامي ۾ چيو آهي:

Not marble nor the gilded monuments
of princes shall out live the powerful rhyme.

ترجمو: نہ سنگ مرمر نہ شهزادن جون سونهري محل سرائون،
شاعر جي زوردار ترنم کان وڌيڪ پائيدار آهن.
هن شاعر کي مخاطب ٿي اهو بہ چيو آهي:

But thy eternal summer shall not fade.

(انت تائين تنهنجو اونهارو نہ مُرجهائبو)
مٿين سٽ پڙهي اهو خيال ۾ رکيو وڃي تہ انگلينڊ، جو شيڪسپيئر

جو وطن هو اڪثر برفباريءَ هيٺ هوندو آهي ۽ سياري جو وڻ ٽڻ ڇڏي ويندا آهن. رڳو اونهاري ۾ اُهي ڦٽي پوندا آهن. اهو ڦيرو گهڻو ڪري اپريل ۾ ايندو آهي.

نهال چند جي اوطاق تي ڪنهن کي سُرندو هو جنهن ڪجهہ لوڙائو ۽ ڪجهہ سانوڻ فقير جا بيت ٻڌايا. ڪنهن مصري شاهہ جي ڪافي ٻڌائي، هنن کي جانجهہ، ڪرتال ۽ دنبورا هئا. ہہ ٽي مڱڻهار بہ هئا، جن کي دهل ۽ سارنگي بہ هئي. ٻولي گهڻو ڪري ڍاٽڪي هئي. اسان کي "راسوڙا" بہ ٻڌايائون، جي شاديءَ رات ڳائيندا آهن.

پوءِ اڌ رات تائين ناچ هلندا رهيا. ناچ ۾ پيرن هٿن جي نرت هئي. ڍول زور سان وڄي رهيو هو ۽ ڏهہ پندرهن ماڻهو نچي رهيا هئا. ناچو اتان جا هاري هئا يا دڪاندار طبقي جا ماڻهو هئا. انهن ۾ نٽيون ڪونہ هيون. هنن اسان کي ڏانڊين جي راند ڪري ڏيکاري. هرهڪ کي ڪانيءَ جو "ڏانڊيو" هو. مان پانيان ٿو تہ ڪين ٻاجهر جا شڪل ڪانا هئا. هو هٿن سان اشارا ڪندا، بدن موڙيندا، گول دائري ۾ ڦرندا ويا ۽ ڏانڊيا هڪ ٻئي سان ٽڪرائيندا رهيا. گهنگهور ڪڪر ڇمڪي رهيا هئا، ڏانڊين جو ٽڙڪو ٽي پيو. اسان کي ٽر جو ناچ"ڪڳي" بہ ڏاڍو وڻيو. مٽڪو راند بہ ڏاڍي پسند آئي. هڪ ڍول تي وڄايو تہ بيو نچيو ٿي، هو جمالِي وانگر ٿي لڳي. پاڻو وڄاياڻون جو بين يا نڙ وانگر ٿي لڳو. لوڪ گيت لکيئو ڍاٽيڙو ۽ مٺيار بہ ڏاڍا وڻيا. نهال چند ٻين لوڪ گيتن جو بہ ذڪر ڪيو. ڪجليو، پئيو، هيندا مٽي، لِيالو، پٽهاري، جوڏاٽو، مڱريو، ڪونجل، پٽهاري وغيره. رشيد ڀٽي اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ ٻڌي ايترو متاثر ٿي ويو جو چيائين تہ:

"شل سڄي سنڌ ٿر هجي!"

ان تي سيٺ نهال چند يڪدم چيو:

"شل، سڄو ٿر سنڌ هجي!"

جيتري قدر ياد ٿو اچي اسان کي ڏورو بہ ٻڌايائون، جو زالن جو لوڪ گيت آهي.

مون کي اسٽالن تي ايترو غصو آهي، جو جيڪڏهن هو جيئرو هجي ها ۽ منهنجي وَس ۾ هجي ها تہ مان ڪيس ٻيرا ٻيرا ڪري ڇڏيان ها، پر هو جارجيا جي هڪ موچيءَ جو پٽ، جيستائين اقتدار ۾ آيو ۽ بي انتها ظلم

ڪيائين، تيستائين هن جي زندگي عوامي هئي ۽ خود زارشاهيءَ جي جبر ۽ تشدد جو نشانو هو. هن ڪي علم وادب جي ايتري ڄاڻ نہ هئي، پر هن ڪي لوڪ گيت ڏاڍا وڻندا ها. لوڪ گيت شاعر جي انا ڪي مليا ميٽ ڪري ڇڏي ٿو. اُن ۾ هن جو ڪوئي تخلص نہ آهي، نالو نشان نہ آهي. هو عوام جي نفسيات جو حصو ٿي وڃي ٿو ۽ ان ڳالهہ ۾ ئي ان جي عظمت آهي. لوڪ گيت مقامي روايت جو حصو آهي ۽ اُهو عوام ڪي ورثي ۾ ملي ٿو. ان ۾ شائستگي ايندي ٿي رهي ۽ خاص طور تي ديهات ۾ نسل درنسل رهي ٿو ۽ اهي ديهاتي جي پڙهي نٿا سگهن ۽ نہ اها ٻولي لکي سگهن ٿا، جا هو ڳالهائن ٿا، اهي بہ لوڪ گيت ڳائن ٿا. مغرب ۾ بہ هر قوم ۾ اڪيچار لوڪ گيت ملن ٿا. لورڪا جي شاعريءَ ڪي جپسي لوڪ گيت اتساهيندا ها. جپان جا گيشائن جا گيت ايترا تہ پيارا آهن، جو انهن ڪي پڙهي روح لرزي وڃي ٿو. هندستاني مصنف ديوندر سَتيارٿي هندستان جو ڳوٺ ڳوٺ گهمي، اتان لوڪ گيت ڪٺا ڪيا ها. دراصل لوڪ گيت جي ترتيب، ان ڪي مخصوص ترنم يا بحر وزن ڏيڻ هڪ ادبي گناهہ آهي، جنهن جو آنءُ بہ مرتڪب ٿيو آهيان. اهو تہ ائين آهي جيئن ٽر جا گل ٻوٽا ڪراچيءَ جي پارڪ ۾ لڳايا وڃن، اُهي گهٽو ڪري نہ اُسرندا ۽ مرجهائجي ويندا. لوڪ گيت انهن گلن وانگر آهي، جن جو ٻج نہ لڳايو ويندو آهي ۽ جو ڌرتيءَ مان ازخود ڦٽندا آهن.

لوڪ گيت جي ابتدا هن ڪائنات جي ابتدا وانگر ابهام ۾ ويڙهيل آهي. ڪي چون ٿا تہ سارو فنِ لطيف لوڪ فن تي ٻڌل آهي. رومن سلطنت جي زماني ۾ لوڪ گيت (ٻن ٻولن وارا) هوندا ها ۽ اُهي مقبول بہ هوندا ها ۽ جن ۾ اها سنسڪرتي بہ هوندي هئي، جا شهري طبقي اجا توڙ تي نہ پهچائي هئي. W.J. Thomas 1848ع ۾ لفظ لوڪ ڪٿا "folk lore" ايجاد ڪيو. تيستائين لوڪ ادب ڪي پراچينتا (Antiquities) ۾ شمار ڪيو ويندو هو. اهو لکيو نہ ويندو هو. سيني بہ سيني اُن جي ڪايا پلٽ ٿيندي رهندي هئي. هونءَ تہ اهو ويهينءَ صديءَ ۾ واد و داد ٿيندو رهيو تہ لوڪ ادب جي رچنا بہ ٿيندي آهي يا نہ؟ جا ڪوئي چٽي سگهي ٿو تہ "هو جمالو" ڪنهن ٺاهيو هو؟ اُن ۾ پيڙهيءَ پيڙهيءَ لفظ وڌايا ها. تان جو انگريزي تهذيب جا لفظ "جنهن جو پيٽ لمليٽ تي" ان ۾ اچي ويا. اهو لفظ لمليٽ، "ليمونيڊ" (lemonade) جو ڪارڙ ترجمو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ گيت، بيت، نڙ بيت

۽ ٻيو اڪيچار لوڪ ادب سنڌيءَ ۾ ڪنو ڪيو آهي. تازو پاڪستان جي لوڪ ورثي جو ڊائريڪٽر جنرل عڪسي مفتي مون وٽ آيو هو ۽ هُن ٻڌايو تہ هو لوڪ ورثي پاران پاڪستان جي لوڪ ادب ڪٺي ڪرڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪري رهيو آهي. پنجابي لوڪ گيت، پونوهار جا لوڪ گيت، بلوچي ۽ بروهي لوڪ گيت ۽ پشتو ٽپا وغيره اردوءَ ۾ ڇپجي چُڪا آهن، پر ان ڏس ۾ جيتري ڪوشش سنڌي ادبي بورڊ ڪئي آهي، پاڪستان جي ڪنهن بہ اداري نہ ڪئي آهي ۽ انهيءَ لاءِ جويو صاحب جَس لهڻي.

انڱلو آمريڪي لوڪ گيت جي ساخت ڪمزرو آهي، پر مغربي لوڪ گيت بہ تيرهينءَ صديءَ تائين پنتي ٽا وڃن. چاسر (Chaucer)، شيڪسپيئر ۽ برنس تي لوڪ گيتن جو اثر آهي. جيئن ڀٽائيءَ، سچل سرمست ۽ مون تي انهن لوڪ گيتن جو اثر آهي. جيتوڻيڪ منهنجا آزاد نظم، free verse جا جديد ترين نمونا آهن. ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ جا رومانوي تحريڪ شروع ٿي، لوڪ گيتن جا لفظ شاعريءَ ۾ڪم اچڻ لڳا، خاص طور انگلنڊ بشپ پَرسي (Bishop Percy :1779-1811) ۽ جرمنيءَ ۾ جي. جِي. وان هرڊر (J.G.Von Herder :1744-1811) ڪم آندا. پر مغرب جا لوڪ گيت ۽ لوڪ سنگيت هندستان ۽ پاڪستان جي لوڪ گيتن ۽ لوڪ سنگيت کي خاص ڪري سنڌ جي لوڪ گيتن جي دَز کي بہ ڇُهي نہ ٿا سگهن. اسپين جي رومانوي داستانن (Ballads) ۽ زنگي جنگين (Moorish wars) جي باري ۾ ڪجهہ مجموعا شايع ٿيا آهن. اهي اُنهن يهودين ڳنا ڪيا آهن، جن کي اسپين مان 1492ع ۾ جلاوطن ڪيو ويو هو ۽ پوءِ يونان ۾ رهندا ها، جيستائين هو آمريڪا ڏانهن هجرت ڪري ويا.

صنعتي تهذيب اسان جي لوڪ گيتن کي نهايت نقصان رسايو آهي. آڊيوڪئسيٽن، ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ وسيع پيماني تي بدذوقي ڦهلائي آهي. ڪجهہ وقت اڳ پراڻا آئرلنڊ جا بربط نواز (Irish Harpers) اڄا هيا ۽ اسڪاٽ لئنڊ ۾ اڄ بہ اسڪاٽ شرنايا (Scot Pipers) آهن. پر برٽش آمريڪن ڪوئلي - کاڻين جي مزدورن (Coal miners) جا گيت ۽ آمريڪا جا ريل رستي جا گيت (Rail road songs) ديهاتي تهذيب جي ستياناسي ڪري رهيا آهن. صنعتي سماج، لوڪ ادب جو دشمن آهي. يوگوسلاويا ۽ ناروي ۾ ڪجهہ وقت اڳي حڪومت لوڪ گيت ۽ لوڪ

سنگيت کي همٿايو هو ۽ اٽليءَ ۽ اسپين جي باسڪ (Bosque) صوبي ۾ انهن لاءِ مدد ڏني وئي هئي. هنگريءَ، رومانيا ۽ بالڪن رياستن جي لوڪ سنگيت بہ پُرڪشش آهي ۽ ان پنهنجي اصليت برقرار رکي آهي. Frenglist جنهن جو ذڪر مان "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" جي ٻئي جلد ۾ ڪيو آهي، اُن هنگريءَ جي جپسي سنگيت کي مشهور ڪيو. جيتوڻيڪ ان جو هنگريءَ جي لوڪ سنگيت سان واسطو نہ آهي.اهڙيءَ طرح يوگوسلاويا ۾اها تحقيق ڪئي وئي آهي تہ هومر جا گيت ڪيئن ڳايا ويندا ها.

قديم تهذيب تي جديد تهذيب ڇائنجي ويندي، ڇوتہ اُن ۾ ڪي خوبيون بہ آهن. نئين جديد شاعري بہ ايتري ئي بي ساختہ ٿي سگهي ٿي، جيتري قديم شاعري. ان ۾ جا گهرائي ۽ نئين دور جو شعور آهي، اُن جي تلاش قديم شاعريءَ ۾ عبث آهي. شاعر کي فقط صنعتي تهذيب جي پراگندگي ۽ گندگيءَ کان پاسيرو رهڻ گهرجي. هتي دنيا جي سنگيت ۽ لوڪ سنگيت تي لکڻ جي گنجائش گهٽ آهي، جيتوڻيڪ مون کي ان تي ڪافي مواد آهي. مان هتي رڳو اِهو ٿو چوڻ چاهيان تہ سنڌي لوڪ گيت کي دنيا جي لوڪ گيتن ۾ هڪ اوچو مقام آهي، جيئن آمريڪا جي نيگرو لوڪ گيت ۽ جاز کي اوچو مقام آهي، جنهن جون جڙون قديم آفريڪا ۾ آهن.

منهنجو قلم موضوع کان گهڻو اڳتي نڪري ٿو وڃي، پر ان کي مان ڇا ٿو ڪري سگهان!

جلوهٔ کاروان ما نیست بہ نالہ جرس
عشقِ تو راه می بَرَد ذوقِ تو زاد می دهد

(اسان جو قافلو جو ڪجهہ ڏسي ٿو ان جو مدار سنگ جي آواز تي نہ آهي.
تنهنجو عشق رستو ڏيکاري رهيو آهي، تولئہ ذوق مانيءَ گرهہ تي رهيو آهي)

هاڻي مان ڪشتيءَ کي وري اوپاري ٿو هلايان ۽ ماضيءَ ڏانهن پهچان ٿو. اڪيون ڪوليان ٿو تہ اسلام ڪوٽ ۾ نهال چند جي اوطاق ۾ ويٺو آهيان. اسان تہ پنهنجو وسڪيءَ ڍڪ پي رهيا آهيون، پر پرسان آفيم جو دور هلي رهيو آهي. مينگهواڙ نَڪُر، برهمڻ، راجپوت، گرڙا، سارسُوت، لهاڻا سڀ سڏ تي آيل آهن. انهن مان ڪن راجپوتن آفيم، ڪپهہ، ڪرل، ڇاڻڻ لاءِ لوهي صافو پاڻيءَ سان پريل چوفري وٽو آڻي رکيو آهي. ڪرل ۾ ٿورو آفيم وڌو

اٿائون ۽ هڪ لوهي ڪلي زمين ۾ کوڙي ڇڏي اٿائون ۽ ان ۾ ڪائي ڳڙي بہ ڦابو ڪئي اٿائون. هيٺان صافي آهي، مٿان آفيم کي اوتن ٿا ۽ ان جو ڦڙو ڦڙو صافيءَ ۾ صفا ٿي وٺيءَ ۾ ٿو پوي، جنهن کي ”گسونبو“ ٿا چون. (مون اهو لفظ سياست سان تشبيهہ ڏيڻ لاءِ ڪافي وقت پوءِ ڪم آندو ۽ اُهو نظم جنهن ۾ اُهو لفظ استعمال ٿيل آهي، منهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ شايع ٿيو آهي.) پوءِ ڪيهہ جو پهو ڪسونبي مان ہوڙي پنهنجي هٿ جي ترِيءَ ۾ ايترو ٿا وجهن، جيترو ان ۾ ماپي ٿو سگهي، ان کي اَمل بہ ٿا چون. پوءِ هڪ ٿي ڳيت سان پي ٿا وڃن.

جيڪڏهن فرانس جا شاعر بودلئير ۽ رامبو جي حشيش واپرائيندا ها، هي منظر ڏِسن ها تہ ٽر ۾ رهي پون ها ۽ انهن کان پئرس جا عيش وسري وڃن ها. اَمل پيئڻ سان انسان اننت جو حصو ٿي وڃي ٿو. ساريءَ زندگيءَ جو ٿڪ مينجي وڃي ٿو ۽ ائين ٿو لڳي تہ انسان هد هد جا پَر پائي اڏامي وڃي لال ليارن تي ويٺا آهن. ان وقت واهوندو ٿڌي هوا ۾ تبديل ٿي چڪو هو اجا اتر جو واءُ نہ لڳو هو ۽ اجا وَڻ- ڦوٽ جي موسم هئي.

سيٺ نهال چند، پاڻ برهمڻ يا مهيشوري هو مون کي خبر نہ آهي.[1] پر ايترو ياد ٿو اچي تہ هو ويشنو هو جيتوڻيڪ اسان لاءِ ويشنو ڪاڏو نہ ڪيو هيائين. ڪاڏي جا تفصيل هاڻي ياد نہ آهن. مون سيٺ نهال چند کان پڇيو تہ:

”زال جي لاءِ ڇا وٺي وڃان؟“

هن چيو: ”گج، کهنبي جا روا، رڱيل اوڍڻيون، سٽڻ ۽ ريشمي گهگهن جا ڪپڙا، ريشمي چُنيون، جن تي گونٽي جون تارون ۽ جاري دار ماڪِليون چڙهيل ۽ ستارا مڙهيل هجن. پِرت سان چُنيون، جي ماپ هجيوَ تہ گونٽي جي تارن وارا گاگهرا ۽ مُڪي جي پِرت سان پريل جُهبا وٺي وڃو.“

پوءِ هن پٽائيءَ جي بيت جون پوبون بہ سٽون پڙهيون:

> ”سکر پانيان سومرا، ڪٿي ڪان ڪنهنبن،
> جا ڏنمر ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لج مَران.“

اسان ڪچهري ڪري دير سان سُتاسين. صبح جو دير سان اٿياسين. رات جو مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان ڪنهن رڻ مان وڃي رهيو آهيان. واري تپي

---

[1] سيٺ نهالچند، لوهاڻو هو (ت.ب)

ٿاڻڻي هٽي وئي آهي، منهنجن پيرن ۾ ڦوڦيندا ٿي پيا آهن ۽ مان انهن مان رت ڳاڙيندو ٿو وڃان. روڄهہ ۽ روجهڙيون مون تي کهل ڪائي مون کي ڏسي رهيون آهن. اوچتو ڪڪر ڪارونيار ڏوڪيندا ٿا اچن، وڏ ڦڙو ايترو ٿو وسي، جو تل ٽرايون تار ٿي وڃن ٿا ۽ مان پاڻي پِي نہ ٿو ڊِياپان. منهنجا ڦوڦيندا اوچتو لهي وڃن ٿا ۽ ڪائي روجهڙي مون کي تڪي چوي ٿي:

”اهي ٽتل ڏينهڙا، اها اج، اِهي لڦون، اهو رڻ ۾ رولڙو تنهنجي وجود جو حصو ٿي چڪو هو. تون هنن اوڙڪن لاءِ نہ آهين. تون پنهنجون گهڙيون اجايون وڃائي رهيو آهين. سچ تہ برڪا ڪويتا جو ڪارڻ نہ ٿيندي آهي، ترشنا ان جو ڪارڻ بڻبي آهي.“

مان چرڪ ڀري اٿان ٿو ۽ ڏسان ٿو تہ سج اُڀري چڪو آهي.

ٻئي ڏينهن ياد آيو تہ اتان ڪجهہ ونٺو بہ آهي. خير، ان وقت ٿر جي لباس جو ايترو رواج اتر ۾ نہ هو ۽ نہ چانديءَ جا زيور ئي شهري عورتون پائينديون هيون. ٿر جا زيور يا رائدار بوليءَ جو رواج نڪري چڪو هو. اسان جڏهن ننڍا هوندا هياسين تہ شڪارپور ۾ پوڙهين عورتن جا نڪ نٿن ڪري ڇجي پوندا ها ۽ ساڳيءَ طرح پاپڙين ۾ ڳورا جهومر جن کي ٿر ۾ جهونٻر بہ چئبو آهي ۽ ڏُرگهلا پائي ڪنن جون پاپڙيون ڇجي پونديون هيون. ان ڪري اهو رواج هاڻي اسان ۾ نہ هو. مون رستي تان هُن لاءِ سونو ڇلو ورتو باقي مهانگين دهرين، گينين جي گنمالن ۽ سونن هارن لاءِ ان وقت مون کي پيسا بہ ڪونہ ها، پوءِ جڏهن مان وائيس چانسلرهوس تہ منهنجو دوست مرحوم حيدرشاهہ ميرپور خاص جو سيشن جج ٿي آيو هو. هُو منهنجو ڪلاس فيلو ۽ دوست هيو جڏهن شڪارپور ۾ سب جج هوندو هو ۽ پوءِ سکر ۾ ايڊشنل سيشن جج ٿي آيو تڏهن مون سان گڏ ناو ونوش بہ ڪندو هو ۽ ڪچهريون بہ ڪندو هو. هن عالمي مذهبن جو ڪافي گهرو مطالعو ڪيو هو ۽ چين جي ڪفيوشنزم، تائو ازم ۽ ٻڌ ازم، جپان جي شنتوازم تائين هن کي معلومات هئي. ڪڏهن اسان جي پيغمبرمحمد صلي الله عليہ وسلم تي بحث ڪندو هو، ڪڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهہ تي. هن بہ مون کي حضرت عليءَ جو ڪتاب ”نهج البلاغہ“ ڏنو هيو جنهن مان هن جا ڪجهہ قول، جي منهنجي دل ۾ ڪُپي ويا ها، مون اتاري ڇڏيا ها، سي هيٺ ڏيان ٿو:

1. دنيا وارا اهڙن سوارن وانگر آهن، جيڪي سُتل آهن، پر سفر انهن

جو جاري آهي.

2. سڀ معاملا تقدير جي اڳيان سرنگون آهن. ان حد تائين جو ڪڏهن تدبير موت جو ڪارڻ ٿئي ٿي.
3. انسان جو هر ساهہ هڪ قدم آهي، جو هن کي موت طرف ڌڪي رهيو آهي.
4. پوڙهي جي راءِ مون کي جوان همٿ جي راءِ کان وڌيڪ پسند آهي.
5. دل بہ ائين ٿڪجي ٿي پوي، جيئن بدن ٿڪجي ٿو پوي، ان ڪري ان لاءِ لطيف حڪيمانہ نڪتہ سازيءَ جو مطالعو ڪندو رهہ!

ٻيا بہ ڪيئي اقوال آهن، جي مون وٽ درج آهن پر مون انهن مان فقط اهي چونڊيا آهن، جي حسبِ حال آهن. مان ٻانيان ٿو حضرت عليءَ جا خطبا اسلامي دنيا جو ڀهريون نثري نظم آهن ۽ چوٽين (Aphorisms) ۾ هو پنهنجو مثال پاڻ هو.

مرحوم حيدرشاهہ ۽ مرحوم اسد الله شاهہ حسيني، جو مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو ٻئي مخدوم طالب المولىٰ مرحوم جا وڏا معتقد هوندا ها ۽ مخدوم صاحب هنن کي پاڻ سان گڏ انگلنڊ بہ وٺي ويو هو. مرحوم حيدرشاهہ مون ڏانهن نہ رڳو بہ مور ۽ هڪ السيشن ڪُتو تہ مان تحفي طور موڪليو هو پر ٽري برٿ جا ڪجهہ اعلىٰ ترين نمونا بہ موڪليا هيا. مان هن جو ٿورو بہ نہ لاهي سگهيو هوس تہ هُن رٽائر ٿيڻ کانپوءِ حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي ۽ ڪجهہ وقت بعد گذاري ويو هو. هُن وٽ هڪ ڀيري مان سندس گهر ويو هوس، جو شايد بہ ماڙ تي هو جتي هن منهنجي خاطر تواضع ڪئي هئي. اهي سڀ دوست گذاري ويا آهن ۽ انهن کي ياد ڪري مون کي مير درد جو شعر ٿو ياد اچي!

درد کچھ معلوم ہے یہ لوگ سب
کس طرف سے آئے تھے کیدھر چلے

ڪيتري نہ خوشي ٿي هئي مون کي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گهر نهال چند کي ڏسي! مٺيءَ جي ڊپٽي ڪمشنر جناب عبدالقادر منگيءَ جڏهن تہ تي سيمينار ڪرايو هو ۽ مان بيماريءَ سبب ٿر جي سفر جو اهل نہ هيس، تڏهن هن پروگرام پروڊيوسر ۽ شاعر نصير مرزا کي منهنجو پيغام ٽيپ ڪرڻ لاءِ

موڪليو هو جو مون هن کي ٽيپ ڪرايو هو. نصير مرزا سان اڳيئي منهنجا دوستيءَ وارا تعلقات ها ۽ هُو مون تي هڪ خاڪو بہ لکي چڪو آهي. ان پيغام ۾ مون سيٺ نهال چند جو ذڪر خاص طور تي ڪيو هو جو هُن بہ ٻين سان گڏ ٻڌو هو. جڏهن هو ڪراچيءَ ۾ مقيم هو ۽ پنهنجي پٽ سان ملڻ آيو هو. تڏهن مون وٽ بہ آيو هو. هُو پيرسن تي ويو هو پر هن جي دل اڃا نِم جي تازي ڇڃي وانگر هئي ۽ اڳي وانگر مجلس جو مور تي لڳو.

جنهن رات جو ذڪر مون مٿي اڏ ۾ ڇڏيو آهي، اسان اُها رات نهال چند جي اسلام ڪوٽ واريءَ اوطاق ۾ گذاري، ناشتو ڪري گاڏين ۾ نڪتاسون. جمال ابڙي جي چوڻ تي ويرا واهہ وٽ ڊاهو ڪيوسون. اها ڳالهہ مون کي جمال ياد ڏياري، پر مان ڀانيان ٿو تہ جمال ڀُليو آهي. مون ساڳي ڳالهہ ابراهيم کان بہ پڇي، پر هن کي بہ پوري طرح ياد نہ پئي آيو. دراصل اسان جهانگري جي ڳوٺ کان ڦِري آيا هياسين، جو ذري گهٽ ڪارونجهر جي پيرَ وٽ آهي. رڻ مان چار ميل وڃي، پارڪر پهتا هئاسين. رڻ ڪڇ ۾ واري مٿاهين هئي، باقي پارڪر ۾ واريا سي نہ. پر ڪڪرائين هئي. بہ پَهريءَ مهل رڻ ۾ جڻ سمنڊ ڇوليون ٿي هنيون ۽ سراب زندگيءَ جي ترمِرائيندڙ تشبيهہ وانگر ٿي نظر آيو. اهو ساڳيو منظر مون ڀاڳ ناڙيءَ ۾ ڪنهن ڪيس سان ڪار ۾ ويندي بيل پٽ ۾ ڏٺو هو. هرڻ ائين پئي لڳا، جڻ ڏيڱن کان بہ وڏا ها ۽ اُٺ نمن جي وڻن وانگر ٿي لڳا. اڳتي ڪارونجهر ڏانهن وڌياسين تہ روهہ، روح ۾ لوهہ جي ڪِليءَ وانگر کُپي ويو. ڪارونجهر جون چوٽيون هزار پندرهن سئو فوٽ اُتاهيون ٿي لڳيون. مون پوءِ ڪٿي لکيو هو:

”اي چنڊ! مان توکي ڪيئن پڄان؟ چنڊ چيو: ”ڪارونجهر جي چوٽيءَ تان ٽپلانگ لڳاءِ، مان توکي هيٺ چشمي ۾ ملندس.“

مون مان يوناني شاعر ڪازان زاڪس ٻولي رهيو هو جو مان سکر جيل ۾ پڙهندو هوس. مون هن جا سڀ ڪتاب پڙهي پورا ڪيا ها ۽ اُن وقت سائپرس ۽ سنڌ ۾ فرق نظر نہ ايندو هو ۽ جي. ايم. سيد مون کي آرچ بشپ مڪاريوس (Arch bishop Makarios) وانگر نظر ايندو هو. ننگر سچو نمن ۽ ٻين وڻن سان ڇانيل هو. نمون اُتي ثروت نالي انگريز پوکايون هيون. جيتري انهيءَ انگريز لاءِ ڪن ماڻهن کي عزت هئي، اوتري ڪنهن لاءِ نہ هئي. پال گوگين مصور جي ٽري اوڏٽيون ڏسي ها تہ هن کان پونوچ سمنڊ

واريون پالينيزين خون (Polynesian blood) واريون ڇوڪريون ۽ انهن جون سخت ۽ سوٽ، ٽامڙيون هنيل ڇاتيون وسري وڃن ها. اهو ڇشمو جنهن ۾ مون چنڊ جو منظر تصور ڪيو هو اُن کي انچليشور وانگر پوتر سمجهندا آهن. انچليشور ننگر پارڪر جي اُتر الهندي طرف پوڏيسر جبل وٽ آهي ۽ ان کي مهاديو جو آستان بہ سمجهيو ويندو آهي.

پوڏيسر وٽ تلاءُ آهي، جو چون ٿا تہ پوڏي سوڍي ڇهين صديءَ ۾ کٽايو هو. ٿوري پنڌ تي ڏونگري ڳوٺ وٽ نرياسر جو تلاءُ آهي. گهرٿياڙي ڳوٺ وٽ پاٽيسر جا تلاءَ آهن، جتي ٻارهوئي پاٽي رهندو آهي. گڏڙي چارڻ ۾ راٽاسر جو تلاءُ آهي. خدا جڏهن ڪارونجهر خلقيو هو تڏهن چڻ هن کي مصور جي ڀرپور اُڪاس هئي. مان جي مصور هجان ها تہ ڏينهن جو ڪئنواس، ڏونگريءَ ڏيٽيءَ، ڇُوڙيئي ۽ راٽي پور جي ٽڪرين تي رڪان ها، جي پارڪر ۾ آهن ۽ اُنهن جي پٽر پٽر کي چٽيان ها. مان گواليار جو قلعو ڏسڻ ويو هوس. خاص ڪري اُها جاءِ، جتي اورنگزيب پنهنجي ڀاءُ مراد کي بند رکيو هو ۽ هن کي روز آفيم جو روڙو کائڻ لاءِ ڏيندو هو ۽ جتي مراد کي بند رکيو هيائون، اُتي هڪ ننڍو ڳلڪڙو ٺهيل هو جنهن مان ماٺهو ٻاهر مُنڍي ڪڍي تہ ٻاهران بيٺل پهريدار اها تلوار جي هڪ ڌڪ سان ڪپي وجهي. اسان اُن ڳلڪڙي مان اندر ويا هياسين. اندر هڪ ننڍي ڪوٺي هئي ۽ اُن کان ويهارو فٽ هيٺ هَوَن ڪُنڊ هو جنهن ۾ ٻارنهن ئي مهينا آگ جلندي هئي. جڏهن حملو ٿيندو هو تڏهن راڻيون، راجڪماريون ۽ انهن جون ٻانهيون انهيءَ ڳلڪڙي مان اندر هليون ويندون هيون ۽ بہ ڄڻيون تلوار کڻي اندران پهرو ڏينديون هيون، جيئن حملي آور اندر اچڻ جي ڪن تہ انهن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪيا وڃن. ڪوٺيءَ کي سامهون لوهي سيخون ڏنل هيون، جتان سارو ميدانِ جنگ نظر ٿي آيو. جڏهن راڻين ۽ راجڪمارين کي غنيم جي فتح نظر ايندي هئي تہ هو هَوَن ڪنڊ ۾ آگ تيز ڪري ڇڏينديون هيون ۽ هڪ هڪ ٿِي مٿان آگ ۾ ٽپو ڏينديون هيون ۽ جلي ڀسم ٿي وينديون هيون.

پارڪر ۾ ڪُنڊ، ڪُن کي ٿي چيائون ۽ اُتي هڪڙو "مرگهي ڪنڊ" هيو "مرگهي ڪَنڊ" هرڻيءَ جي ڪُن کي ٿي چيائون، جنهن ۾ ڪنهن هرڻيءَ هرڻ جي ڪڍ ٽپو ڏنو هو ۽ هن جا هڏا بہ مُڪت ٿي ويا ها. ڇا نہ پياري ڪهاڻي آهي! اِها جاءِ ساڙ ڏري وٽ آهي، جو ڪارونجهر ۾ هندن جو آستان

آهي. ”مرگهي ڪنڊ“ جي ڀنهي پاسي ٻہ ڏيرا ٺهرايل آهن، جي اڄ تائين قائم آهن ۽ جن ۾ شوَ ۽ پاربتيءَ جون مورتيون ٺهيل آهن، اُتي شِوَ راتڙيءَ جو ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ ڪيئي اوسي پاسي ڪان ايندا ها. الڪ وار، نانڀي، پيمر گوڏا، چندن گڍ، پنراج گڍ، جهرٽو ٻاين جو پيسٽو جو نئين ڪاسبي ڪان ٻہ ميل پري آهي، گئو مکي، جا ساڙ ذري ڪان ٻہ ميل پري آهي، جهرٽو ۽ پؤمرو ۽ بيون جايون هيون، جي مون خود تہ نہ ڏٺيون، پر جن جي باري ۾ مون کي ٻڌايو ويو.

ننگر پارڪر وڏي رومانوي جاءِ هئي. ڏينهن جو بازار ۾ وياسين. پارڪر جي ٻولي کي ”پارڪري“ ٿي چيائون، جا گجراتيءَ سان ملي جلي ٿي. ٿر ۾ ڍاٽڪي ڳالهائن ٿا، پر سما ۽ ٻروچ سنڌي ڳالهائن ٿا جيتوڻيڪ هُو ڍاٽڪي بہ ڳالهائي وجن ٿا. اسان ريسٽ هائوس ۾ ترسيا هياسون، جتي گهڻو ڪري مختيارڪار اچي رهندو هو. گهنگهور گهٽائون ڇانيل هيون ۽ بوندون برسي رهيون هيون. اسان ريسٽ هائوس جي آڱر ۾ حافظ ۽ خيام وارو شغل ڪري رهيا هياسون. ابراهيم، جو اڃا تائين هڪ مارڪسسٽ آهي، اهو هميشه انهيءَ ماحول ۾ ”همه اوست“ واري ڪيفيت ۾ اچي ويندو آهي ۽ انسان ۽ ڪائنات ۾ اِڪائي جو احساس هُن تي ڇائنجي ويندو آهي. جُهڙالو آڪاس، ڪڪرن ۾ چنڊ، بنگلي جي اوچن وڻن مان رستي تي ڦڪيءَ چانڊوڪيءَ جو ڦهلاءُ ۽ انسان ۽ قدرت جي وچ ۾ هم آهنگي، ڪيتري نہ دل آويز هئي. اسان ڪافي پي ويا هياسين تہ اوچتو ڪوئي هندو وڪيل اچي نڪتو جنهن چيو تہ:

”مان هتي وڪالت ڪندو آهيان ۽ مير محمد بخش جو دوست آهيان. مير صاحب چاهي ٿو تہ صبح جو اوهان هن سان گڏ ناشتو ڪيو. ناشتي ۾ اوهان کي ٿر جا ڪاڏا کارائيندو.“

مير محمد بخش، جمال جو دوست هو ۽ ربانيءَ ۽ ابراهيم وٽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ويندو هو. ربانيءَ مون کي اڳ ۾ ئي چئي ڇڏيو هُو تہ هُو ٿر ڏانهن نڪتو آهي ۽ اوهان سان ڪٿي نہ ڪٿي ضرور ملندو. ابراهيم جي دماغ تي ان ڳالهہ طبقاتي جوش طاري ڪري ڇڏيو. مون ۽ جمال تہ وڪيل صاحب سان ”هائو“ ڪئي، پر ابراهيم غصي ۾ چيو تہ:

”جي مير صاحب جو گهر ويجهو هيو تہ پاڻ ڇو نہ آيو؟ ڇا ان ۾ پنهنجي گهٽتائي ٿي سمجهيائين، جو توکي موڪليائين. وڃي چئينس تہ اسان نہ

ايندا سين ناشتي تي.“

وڪيل صاحب ڳاڙهو ٿي ويو. مون هن کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ وسڪي آڇي. هُو اسڪاچ وِسڪيءَ جا ٻہ پيگ پي موٽي ويو. مان ۽ جمال چُپ ۾ اچي وياسين ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڳالهہ لنوائڻ لاءِ جمال چيو:

”اياز! هتي هڪ ڳوٺ جو نالو ”هڙيامار“ آهي. هُڙيو پکي هونءَ تہ ڪڙو پاڻي پي سگهندو آهي، پر انهيءَ ڳوٺ ۾ پيئندو تہ مَري ويو.“

اسان جڏهن هڪ پيگ وڌيڪ پيتوسين تہ جمال ٻڌايو:

”جڏهن ٻڪرار ڪنوڻ کِجندي آهي، تڏهن واسينگ نانگ جي ٻِرَ کان ٻاهر وينو هوندو آهي تہ ڪنوڻ جو ڪجڪو ڏسي ٻِرَ ۾ موٽي ويندو آهي. اجا هن جو پڇ ٻاهر هوندو آهي تہ مينهن پوندو آهي. ڪنوڻ اتر کان کِوندي آهي.“

پر ابراهيم جو طبقاتي غصو جيئن پوءَ تيئن تيز ٿيندو ويو. اوچتو رشيد يٽيءَ پنهنجو اُپ ٿاڙ ٺهڪ ڏنو جنهن ماسڪو تائين پهچي، لينن جي شيشي واري قبر ٺڙڪائي وڌي هوندي. آسمان ۾ ڪنوڻ کجي ۽ جوابي ٺهڪ آيو ۽ جڻ ڪنهن مون کي ڪَن ۾ چيو: ”هي جوين ڏينهن وڄ جي وَراڪي جيترو جتاءُ ڪن ٿا.“

وَري جمال ڳالهہ ڦيرائي چيو:

”سومرا سَر جون سومريون ۽ مِنيءَ جون سوناريون ۽ برهمڻيون ڏاڍيون سهڻيون ٿين ٿيون.“

ايتري ۾ ڪنوڻ کجي تہ جڻ انهن جون ساتيون، گجريون ۽ جهانجهرا وجڻ لڳا ۽ وڄ جا چمڪا اُنهن جا مُکر، ڏُرگلا ۽ بورلا (گول ٽڪا) ٿي ويا.

چَڪو نہ پيو تہ جمال ٻيهر ڍارو اُڇليو:

”اياز! هتي ڪير ڏهندڙ کي ڏوجهارو ٿا چَون. ڪيتري نہ شاهوڪار آهي اسان جي ٻولي.“

ابراهيم، جو اوچتو اسان جي گفتگوءَ ڏانهن ڌيان وَيو. پوءِ تہ جمال دل ۾ ”پنءُ چَڪا“ چئي، چيو:

”ٻاجهري پوکبي آهي تہ ٻہ ٽي ڏينهن اُڳندي، اُپرندي آهي. پهريون هڪ ٺي سلو اُپرندو آهي، پوءِ گوڏي جيڏي ٿيندي تہ گُڏ ڪڍندا آهن. جڏهن پورو ڪانو ٿيندي آهي، تڏهن ان ۾ ڪيرو پيدا ٿيندو آهي. ٿورو ان پوندو آهي تہ ان کي ”آيون“ چوندا آهن. پوءِ پڪو سنگ لڻندا آهن.“

اتي ابراهيم جو پرولتاري ڏيان ڇڪيو ۽ ڏرتيءَ سان سندس نظرياتي وابستگي ڪيس ڇڪي وٺي آئي ۽ هن جي ڪاوڙ لهي وئي. مون جمال کان پڇيو:

”جمال! جُهڄو ڇاتيءَ تائين انگيءَ کي چئبو آهي نہ؟“

جمال هائو ڪئي تہ رشيد ٺهڪ ڏئي ڪنوڻ کي ڇيڙايو ۽ چيو:

”شايد جُهڄڻ لفظ جهڄي مان نڪتو آهي.“

ايتري ۾ هڪ پٽ اچي نڪتو جو ٽين بجي رات تائين اسان کي لوڪ ڪهاڻيون، سورنا ۽ دوها ٻڌائيندو رهيو. هن راءُ لاکي ۽ مهر راڻي، ڍولي مارو‌ئل، ٻوبنا جراڻ سوندري پرمار ۽ ماندل راڻي جون دوهيڙن ۾ ڪهاڻيون ٻڌايون. انهن کان سواءِ هن ڪجهہ بيت ڪارونجهر جي باري ۾ ٻڌايا، جي منهنجي ذهن تي پٿر جي لڪير وانگر کوٽجي ويا. شعر ها، مصوري هئي!

ڪارونجهر جي ڪورَ مَرئين تہ ميلئين نهين،
ماٿي ٿهڪونڪي مور، ڏونگر لاگي ڏيپتو.
(ڪارونجهر جي ڪور مرندين تہ بہ نہ ڇڏيندين،
اُن جي مٿي تي مور آواز ڪري رهيو آهي تہ
ڏونگر ڏيئي وانگر لڳي رهيو آهي.)

ڪورَ پهاڙ جي اُنهيءَ مٿينءَ لڪير (چوٽيءَ جي ڪناري) کي چوندا آهن، جا ڏنڊ مان ڏيکاري ڏيندي آهي. مون ساري زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ اهڙو خوبصورت شعر نہ پڙهيو آهي!

سنڌ امان! تنهنجي پوٽي ڪيترن موتين سان پريل آهي!

ان سلسلي ۾ هن ٻيو بيت ٻُڌايو:

ڪارونجهر جي ڪور، روُڙي لاڳي رليا مٿي
ماٿي ٿهونڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو

روڙي سهڻيءَ کي، رلياٽي رمٽيڪ کي، ٿهونڪو مور جي ٻوليءَ کي ۽ ڏيپتو ديپ کي چوندا آهن. اها ٻولي شايد سنڌيءَ ۽ گجراتيءَ جي ڪارڙ آهي.

ڪارونجهر جي پرسان بہ سانوٽي نديون ڏوبا ۽ پتياٽي وهنديون آهن. ڏوبا، نگر پارڪر جي ڏکڻ طرف ۽ پتياٽي اُتر طرف وهندي آهي. انهن ندين

تي بہ بيت ٻڌايائين:

ڏوپا ويچي ڏار، پتياٽي ڏوجهي پلي،
پاٽيءَ تٽون نهہ پار، آرڙاتا ڳر اوتري.

ويچي يعني وهي تي، ڏوجهي معنيٰ ٻي، تٽون معنيٰ جو ۽ آرڙاتا گجگوڙ ڪي چوندا آهن. پارڪري ۾ نہ ڪي نهہ چوندا آهن.

جڏهن گهتائون زور سان گجيون تہ اسان ڪي پٿ، اڪبر جي زماني جي گنگ ڳويءَ جي گيت جي هڪ سٽ ٻڌائي.

گهنگهور تڪور ۾ مور چپي نهين
تري چپي تهين باڳ اُنايا.

مون کي موسيقار شاهد پٽو ”راجستاني ادب جي تاريخ“ (History of Rajisthani-literature) تحفي طور ڏئي ويو هو. اهو ڪتاب هيرا لال مهيشوَري جو لکيل آهي. مون ان ۾ گاتا ۽ ڪوتائون سي پڙهيون ۽ فطرت تي شاعري بہ پڙهي. انهن ۾ هڪ سٽ بہ اهڙي موهٽي نہ هئي، جا ڪارونجهر تي ڏنل لوڪ بيتن سان پيتي سگهجي.

ڪراچيءَ ۾ هيءَ جمال سان ٿر جي باري ۾ منهنجي اتڪل ويهين ڪچهري هئي. جمال هاٽي چڱيءَ ڪيفيت ۾ هيو هن چيو:

”ايازا جڏهن مِنيءَ ڪان نڪتاسين ۽ لونڏهار ڳوٺ وٽ پهتاسين تہ ياد اَتي ڳُڏ ڪندي پيل ۽ ڪولهي ڳائي رهيا ها. اُنهن کي ڪنن ۾ چانديءَ جا گوڪر و پيا ها ۽ ڳائن پيا:

آڙنگيو آيي مان

(اُتر مان بجليون چمڪن ٿيون) آڙنگ گرميءَ يا ٻُٿ کي چوندا آهن.

مون کيس چيو تہ:

”مون هنن جو سڄو همرچو نوٽ بُڪ ۾ لکي ڇڏيو آهي.“

وڏيڪ ساڻس مخاطب ٿيندي چيم:

”جمال، اسان ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪيترا نہ خوش نصيب آهيون. اُتراڏي، وچولي، لاڙي ۽ ٿريءَ ۾ ڪيڏا نہ لفظ آهن! ڪيڏي نہ رنگارنگ تهذيب آهي اسان جي! ڪن زالن کي جُهڀو يا ڪنچوئو پيو هو جنهن کي برٿ نہ هو ۽ ڪِن کي برٿ پيريل گج ها. پولڪن سان ڪن جي پٽ نہ

ڏڪيل هئي ۽ انهن تي تونر پيل جُتيون ڪهڙيون نہ چڱيون ٿي لڳيون! جڻ انسان نہ ها وڻ ها، جي برسات ۾ تڙي پيا ها.“

مون جمال کي ٻڌايو تہ جڏهن هنن اسان کي مُڙي ٿي ڏٺو تہ مون کي پارسيءَ جو هي شعر ياد آيو:

آهو ز تو آموخت بہ هنگام دويدن
رَم کردن و اِستادن و واپس نگريدن

ترجمو: هرڻ ڀڄڻ وقت توکان سکيو آهي،
ٿپ ڏئي ڀڄڻ، بيهڻ ۽ پٺتي ڏسڻ.

اُن تي جمال پڇيو:
”واهہ، اهو ڪنهن جو شعر آهي؟“

مون جواب ڏنو:
”ڪمال اسماعيل جو. تو شايد نالو نہ ٻڌو هجي. نالو ياٺهين جهڙو اٿس.“

۽ پوءِ مون جمال کي چيو تہ:
”هي اسان جو ديس اولهہ پاڪستان جي نقشي ۾ نہ اچڻ گهرجي! ايوب خان ڪير ٿيندو آهي اُن کي ون يونٽ ۾ سمائڻ وارو؟“

مون اسلام ڪوٽ ڏانهن ايندي رستي ۾ چونئرا ڏٺا هيا، جن ۾ جڏهن رات جو ڏيئا ٻرندا هوندا تہ سَنڌيا جو سمو نظر ايندو هوندو. سَنڌيا هونءَ تہ سانجهيءَ کي چوندا آهن، پر انهن ڏيئن جي قطار کي بہ چوندا آهن، جي بنارس ۾ شام جو گنگا تي لوڙهيندا آهن.

اُتي ننگرپارڪر جو مشهور جوتشي پنڊت ڏيو جي اسان وٽ آيو هو جنهن منهنجي ۽ جمال جي جنم جي تاريخ ورتي ۽ اسان جا هٿ ڏٺا ۽ پوءِ چيائين تہ اوهان کي خط ذريعي اوهان جي باري ۾ لکي موڪليندس. مون کي لکي موڪليائين تہ:

”ٿوري عرصي لاءِ اوهان کي تڪليف ۾ اٽيندا پر پوءِ اوهان جو نانءُ ناموس ايترو وڌي ويندو جنهن جو اوهان حصو بہ نہ ڏٺو آهي.“

مون کي ٻئي سال 1965ع ۾ جيل ۾ وڌائون ۽ پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي، اهو پڙهندڙن جي اڳيان آهي. اهڙيءَ طرح جمال، پنڊت ڏيوجيءَ جو خط

سانيي رکيو هو جنهن جي فوٽو ڪاپي مون کي ڏني اٿائين ۽ جمال جو چوڻ آهي تہ ان ۾ ڪيل اڳڪٿيون سچيون نڪتيون آهن ۽ ڪيل هدايتن تي عمل مان فائدو ٿيو آهي. منهنجي هڪ ٻي جوتشيءَ سان بہ هڪ ڀيرو اڳ ملاقات ٿي هئي، ان بہ جيڪو چيو هو سو سچو نڪتو هو. مان سنڌ مدرسي کان ڪجهہ قدمن تي ”آڳي قدم پريس“ ۾ وينو هوس، جا ڪامريڊ احمد جي هئي، جو مون ۽ جوئي سان گڏ ايم. اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو ميمبر هو. اڄ ڏينهن تائين جويو ڪراچيءَ ايندو آهي تہ هن وٽ ضرور ويندو آهي. هن پارٽيءَ جا رسالا ۽ اخبارون پوٿين وانگر سانڍيا آهن ۽ وس پڄيس تہ اهي پوٿڙين ۾ ويڙهي رکي. مان ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ تي پوءِ لکندس، جڏهن ڪجهہ پوءِ ڪراچيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ لکندس. في الحال اڳئين جوتشيءَ سان ملاقات جي باري ۾ ٿو لکان. اهو 1949ع جو سال هو مان ڪامريڊ احمد جي پريس تي وينو هوس تہ هڪ جوتشي آيو. هن چيو تہ کيس بک لڳي هئي، تنهنڪري کيس هڪ رپيو گهرجي، پر هو اسان کان بيک نہ وٺندو پر اسان جو هٿ ڏسي اسان کي پنهنجي تقدير ٻڌائيندو. مون هُن کي ائين تفريحاً هٿ ڏيکاريو جيئن کيس هڪ رپئي ڏيڻ لاءِ سبب پيدا ٿي سگهي. هن ڪجهہ وقت هٿ ڏسي چيو:

”اوهان هڪ هفتي ۾ ڪراچي ڇڏي ويندا.“

مون هن کان پڇيو: ”ڪيترن ڏينهن لاءِ.“

هن جواب ڏنو ”ڪيئي سالن لاءِ، ڪافي وقت ڪانپوءِ موٽي ايندا، پر گهبرايو نہ، اوهان جو مستقبل هاڻي کان گهڻو چڱو ٿيندو.“

هن اِهو بہ چيو تہ:

”اوهان ٻي شادي بہ ڪندؤ پر اُها گهڻو وقت نہ هلندي.“

هن وڌيڪ چيو تہ:

”اوهان سياست ۾ ملوث ٿيندا، پر ان مان اوهان کي فائدو بہ ٿيندو تہ نقصان بہ ٿيندو.“

مون کي سيئي ڳالهيون دل سان نہ لڳيون. مان خالد اسحاق ۽ عبدالقادر شيخ جو پاڻيوار هوس ۽ هنن سان نهايت خوش هوندو هوس. مون کي ٻهرين شادي ڪئي، تمام ٿورو وقت ٿيو هو ۽ اجا اُن جا خمار ئي نہ لٿا ها، منهنجو سياست سان دور جو واسطو بہ نہ رهيو هو پر ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ اسان جي

خاندان ۾ ڪجھہ اهڙا جهڳڙا ٿيا، جو مون کي ڪراچي ڇڏڻي پئي.

تازو مون امرتا پريتم جي جيون ڪٿا جو ٻيو حصو پڙهيو تہ ان ۾ هر صفحي تي ڪنهن جوتشي ۽ ڪنهن سپني جو احوال هو. هن اهو بہ لکيو هو تہ:

”هي شخص ”مبارڪ“ ڪير آهي، جنهن کي جيل ۾ وڏو اٿائون ۽ جنهن جو نالو مون کي سپني ۾ اچي ٿو.“

امرتا پريتم اڳ ڪيمونسٽ هئي ۽ سوويت روس جا دورا ڪري، دنيا جي ڪميونسٽ اديبن جي ساٿ کي سارا هيو هيائين. هوءَ مون کي شيخ اياز جي نالي سان سڃاڻندي هئي، پر اصل نالو ڪيس معلوم نہ هيو. بهرصورت هُن جي جيون ڪهاڻي پڙهي اِها ڳالهہ ويساهہ ۾ اچي سگهندي تہ هُن جو جوتش ۾ ڪيڏو اعتبار آهي. هُن تہ اِهو بہ لکيو آهي تہ اڳئين ڪنهن جنم ۾ هوءَ اندرا گانڌيءَ جي پيڻ هئي ۽ هن جو مڙس ”امروز“ ۽ غالباً هن جو عاشق ”ساحر لڌيانوي“ ڪن اڳين جنمن ۾ هن جا مڙس رهيا ها. پاڻ کي جوتش جا رڳو بہ تجربا ها، سي سچا نڪتا ها، تي سگهي ٿو اِنهن جو سچ اتفاقي هجي!

وري پنهنجي سفر جو احوال. پارڪري عورتون نهايت خوبصورت هيون ۽ اهڙيون عورتون پوءِ فقط مون روس ۾، خاص ڪري لينن گراڊ ۾ ڏٺيون هيون. منهنجي گائيڊ اِرينا (يونانيءَ ۾ ارينا جي معنيٰ تقدير آهي) تہ هوبهو اُن ريبارڻ جهڙي هئي، جيڪا اسان ننگرپارڪر مان پَن چڪيءَ ڏانهن ويندي ڏٺي هُئي، پر ان جو ذڪر مان پوءِ ٿو ڪريان. رات جو پَٽ اسان کي ٻڌائي رهيو تہ:

”هتي هندو سهاڳڻيون نڪ ۾ سونو وينڊو ۽ مسلمان عورتون سوني نٿ پائينديون آهن، جن ۾ ڏانوڻ وجهي ڪُنڊيءَ سان وارن ۾ اٽڪائي ڇڏينديون آهن. هو ڦلي ۽ چلائين يا رائدار بولي بہ پائينديون آهن. اڇوت ڇوڪريون ڦاڙيون پائينديون آهن، جي هرڻ جي سڱن مان ٺاهيندا آهن ۽ جن مان ڪِن تي ڇِٽ بہ نڪتل هوندا آهن. مسلمان عورتون نسبيون، ڪُڙڪون ۽ چانديءَ جا والا ۽ هندو عورتون ڪنن ۾ ڏرگهل يا جهونبڙا پائينديون آهن. عورتون ڳچيءَ ۾ دهريون ۽ ڪنٺلا بہ پائينديون آهن. سهاڳڻيون ٻانهن ۾ ڪافور يا عاج جي ٻانهين بہ پائينديون آهن، اڇوت ڇوڪريون، جي ريشمي ٿَونر وجِهي، ڪانچ جي مڻين جا ڪنٺلا پائينديون آهن، سي سيني کان وڏيڪ خوبصورت لڳنديون آهن. هو ڳچيءَ ۾ ڪارڪڙي بہ پائينديون آهن،

جا ڪارڪ جي ڪکڙيءَ جيتري ٿيندي آهي.“

مون کي جئپور ۾ منهنجي دوست سندر اگناڻيءَ Inside Guide to Rajisthan” ڪتاب تحفي طور ڏنو هو. ان ۾ فوٽن ۾ زالون مٿيان زيور پائي ويٺيون آهن. انهن کي ڪرائين ۾ عاج جا گورلا يا شيشي جا چمڪدار چوڙا پيا آهن. جي زرينا ۽ پارو چاولا جئپور جي بازار مان ورتا ها. فوٽن ۾ انهن کي چيچ يا ٻاچ ۾ مُنڊيون پيون آهن. ڪن کي ڏسڻيءَ تائين چڻني آڱرين ۾ ڇلا پيا آهن. پاپڙين ۾ گوکرو ۽ ڪيوٽيون پيون آهن. ڳچيءَ ۾ هڪ چورس ”ماٽيو“ پيو اٿن. جنهن کي زرينا ۽ پاروءَ منگل سُوتر سمجهي خريد ڪيو هو. پيرن ۾ چانديءَ جون گول ڪڙيون، سلتيون ۽ لنگر بہ ٿي مليا. جي بہ ٿر ۾ پائيندا آهن. مٿين ڪتاب جي ٻاهران هڪ نينگريءَ جي تصوير آهي، جنهن جي مٿي تي راجستاني شال آهي ۽ نڪ ۾ رائدار بولي آهي.

اسان ننگرپارڪر ۾ بنگلي جي لان ۾ ويٺا هياسين. اُپ ڪارو گهنگهور ٿي ويو هو ۽ برسات پوڻ لڳي هئي ۽ مينهن جون لارون وهي رهيون هيون ۽ وار ڀڄي ويا ها. اسان بنگلي ۾ اندر وڃي ويٺاسين. ڀٽائيءَ جي ٿر ۽ لاڙ جي سير جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هياسين. ڪنهن بہ ڪلاسيڪي شاعر هومر کان ورجل تائين، گوئٽي کان شيڪسپيئر تائين عوامي زندگيءَ کي روحاني پيغام لاءِ ائين علامت نہ بڻايو هو. دولت ۽ دٻدٻي لاءِ بي انتها نفرت هن کي اهلِ تصوف مان ورثي ۾ ملي هئي، جا هن انهيءَ هڪ سِٽ ۾ ڪيڏي خوبصورتيءَ سان سَمائي هئي:

”ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءَ“

سوپيو مون کي چوندو آهي تہ:

”تنهنجي طبيعت نهروءَ وانگر آهي، جو سڀ ڪجهہ ڏسي پوءِ اُن لاءِ چوندو هو تہ اُهو تڇ آهي.“

مان کيس جواب ڏيندو آهيان:

”هونءَ بہ ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ کان سواءِ ڪيئن ٿو چئي سگهجي تہ تڇ آهي. هيءَ دنيا مايا آهي، دوکو آهي، سراسر فريب آهي، اهو ئي چئي سگهندو جنهن اُن تي پَرتري هَريءَ وانگر ڀرپور نظر وڌي آهي. ”ٿُوڪتا“ اهوئي چئي سگهي ٿو جنهن انگور کي چپ ڏئي ڏني آهي. ڌن دولت، حسن صورت، مان شان، سڀ چٽنگ جي چٽاءَ وانگر ڪڻ ڀنگر آهي.“

اسان ڪيترو وقت ڀٽائيءَ جي عظمت تي ڳالهائيندا رهياسين. ڀٽائي جو دور افراتفريءَ جو دور هو. هُن ”وايُوڙڳن مَنهَن“ جي ڳالهہ ڪئي هئي، ”سوريءَ متي سيڻ“ ڏٺا هيائين. هن ڪَڙڳ ڪلول ڪندا ڏٺا ها. هن جو مشاهدو هو تہ ڪيئن تا ”ڪلهنئان ڪاتين“ هُن ”ڳرت ڪپار“ ۾ ڏٺا ها ۽ هن جي ڪنن ۾ ”ڪِنجهو ڪنجهہ“ پرندي رهي هئي، ۽ اهو سارو مشاهدو هن جي روح ۾ سمِي، هن جي تحت الشعور ۾ هليو ويو جيئن واري مينهن جو پاڻي ڇُهي ويندي آهي ۽ پوءِ هُن ان جو شاعريءَ ۾ علامتي اظهار ڪيو آهي. ڀٽائي دنيا ۽ عقبيٰ جو مٺڙ ميلاپ آهي. هونءَ بہ تہ لوهار، ڪنيار، ميهار، پنهوار صراف، سونارا ۽ بيا ماڻهو ۽ انهن جون پيشہ ور مصروفيتون، هن جي شاعريءَ ۾ علامتون تي آيون آهن. هر شيءِ خدا جو مظهر آهي. ذَت ۽ ذُوتي بہ خدا ۽ هن جي تلاش جي علامت آهن. تصوف جيڪڏهن ڪنهن جي شاعريءَ مان سچ پچ ٽپڪي ٿو جيئن ڪرڻ ڦل مان گلاب جو عرق ٽپڪندو آهي تہ اُهو ڀٽائيءَ جي شاعريءَ مان ٽپڪي ٿو. مان چوان ٿو تہ:

”ڀٽائيءَ جي ولي الله واري حيثيت کي الڳ رکو هو رڳو شاعريءَ جي ڪري بہ عظيم آهي، پر جي ولي الله بہ اُن ۾ شامل ڪيو تہ ڀٽائي امير خسرو دهلوي ۽ نظام الدين اوليا ٻئي آهي.“

ماني کائي، اٽڪل ٽين بجي ريسٽ هائوس وڃي ستاسين. سمهڻ ويل مون کي پولڪو لفظ ياد آيو. اهو عورت جي ڇاتيءَ تي پيل پرت سان پريل انگيءَ وانگر هو. مون کي ياد آيو تہ اهو لفظ ويجهو مون جرمن ناول نويس ايرڪ ميريا ريمارڪ جي ناولن ۾ ڪٿي پڙهيو هو. مون ڀٽائيءَ جون هيٺيون بيت بہ ننڊ کان اڳ ۾ ساريو:

مَٿن ٽُپڪ ٽپڪڙا، چڪندڙا آچن،
ڪُڙيون کهہ پَڪليون، پَگهر سِر پيرن،
اي وڙ ويڙهيچَن، مون لوڏائين لڪئا.

ڇا تہ بيت هو! انگريز شاعر ازرا پائونڊ اِهو بيت پڙهي ها تہ سِسليءَ مان ٽپڙ ويڙهي اَچي گدڙي ۾ رهي ها.

مون سکر ۾ اچي آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ ڏارين لفظن جي فهرست ۾ اهو لفظ ڏٺو هو تہ اُن ۾ لکيل هو:

POLKA: Tight fitting dress of a woman,
Used in french and German.
Origin unknown.

مان ڀانيان ٿو جڏهن سنڌ ۾ آريائي عورتون آيون هيون، اُهي پولڪا پائيندڻيون هُيون، اُچار ۾ رتي بہ ڦير گهير نہ هئي.

مون وٽ ويجهڙائيءَ ۾ هڪ آسٽريليا جي شاعره ايسٽيلا ڊراءِ لئنڊ (Estella Dryland) ڪراچيءَ ۾ اُردوءَ جي باري ۾ معلومات لاءِ ايندي هئي. هوءَ منهنجو اردو شاعريءَ جو ڪتاب "نيل ڪنٺه اور نيم ڪي پتي" پڙهي ڏاڍو متاثر ٿي ۽ اُن مان ڪافي ترجما انگريزيءَ ۾ ڪيا اٿائين، جي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ ٿي چاهي. (تازو ان سموري مواد جي ڪاپي مونکي آسٽريليا مان اماڻي اٿائين) مون کي ياد آيو تہ 1947ع ۾ پهريون آسٽريليا جو رهواسي، جو مون سان مليو هو سو سنڌي هو. خالد اسحاق هن کي منهنجي سپرد ڪري، پاڻ ڪنهن رجسٽريشن جي ڪيس سان هليو ويو. جڏهن مون هن کان نالو پڇيو تہ هن ٻڌايو:

"حاجي بڊوڊا (Haji Badoda)."

مون هن کي چيو "اهو ڪهڙو نالو آهي؟"

جنهن تي هُن چيو تہ:

"پاڪستان ٺهڻ کان ڪيئي سال اڳي، هو آسٽريليا ويو هو. ان وقت هن جو نالو حاجي عبدالله هو پر اُتي هن کي ماڻهو حاجي بڊوڊا ڪوٺيندا ها. هو رڍن جا ڪيئي ڌڻ، جي چڏي هو وطن موٽي آيو هو انهيءَ شرط تي تہ سنڌ سرڪار هن کي دادوءَ ۾ ڪيئي ميل زمين ڏيندي، جتي هو رڍون پالي سگهندو پر هو جنهن سرڪاري محڪمي ۾ ٿي ويو مايوس ٿي پئي موٽيو."

مون چيو:

"حاجي بڊوڊا! جن قومن کي غلامانہ ذهنيت نہ هوندي آهي، اُهي ڏاريا نالا اپنائڻ ۾ ڪيٻائيندڻيون آهن ۽ پنهنجا نالا پاڻ چونڊيندڻيون آهن. باقي رهيو توکي زمين ملڻ جو سوال، اُهو تنهنجو خواب خيال آهي، جو تو ۾ وطن جي محبت پيدا ٿيڻ ڪري آهي. توکي ايترا پئسا هجن تہ زمين بازاري اگهہ تي خريد ڪري سگهين ٿو باقي سڀ ڏٺا اٿئي!"

مون کي اهو بہ ياد آيو تہ هتي مور جهڙو خوبصورت پکي ۽ هرڻ جهڙو

پيارو جانور ڪيئن نہ بيدرديءَ سان ماريو ويجي ٿو. ڪنهن وقت تہ شڪاري جيپ تي ايترا هرڻ ماريندا ويندا آهن. جو هو شڪار ڪٽي بہ نہ سگهندا آهن ۽ واريءَ تي اُنهن جي جميل رت لهندي سج کي دانهن ڏيندي آهي تہ مون کي چو وهايو ويو آهي. سنڌ کي جيڪڏهن ڪا پِٽَ لڳي آهي تہ هرڻن ۽ مورن جي لڳي آهي. پوءِ منهنجي اک لڳي وئي، مون ننڊ ۾ ڏٺو تہ هڪ مورڻي مون کي ڪارونجهر جي ڪور تي سڏي رهي آهي ۽ چئي رهي آهي:

"مان بار بار تو وٽ انسان جي روپ ۾ ايندي‌س؟ ڇا تون مون کي يڪدم سڃاڻي سگهندين؟ ڇا تون گهنگهور گهٽا جئن برسي، منهنجي رقص جو داد ڏيندين؟ پوءِ مون کي سڏيندي پنتي هٽندي ٿي وَئي....."

ايتري ۾ مون کي ڪوئي ننڊ مان اُٿاري ٿو. صبح جو اٺ وڄي چُڪا آهن ۽ مسڪين جهان خان ڪوسو اسان سان ملڻ آيو آهي. مون يڪدم مُنهن ڌوتو ۽ ڪمري کان ٻاهر آيس. هو ابراهيم سان حال احوال ڏئي رهيو هو. محمد بخش مجنون پنهنجي ڪتاب "مسڪين جهان خان ڪوسو" ۾ هُن جي ٺُز تصوير چٽي آهي:

"گرڙ وڊ، قد درميانو جسم جو جاڻنو موڪري ماٿيڻي منهن تي سفيد سُهڻي چاپونئي سونهاري، اڇي جهڙي پُوهه، مٿو اڪثر اگهاڙو، ڪڏهن ڪڏهن سياري ۾ مُلن واري برقعي ٽائيپ ٽوپي، اونهاري ۾ ڪجيءَ واري مولانا ياشانيءَ واري ٽوپي، مليشا جا ڪپڙا، سي بہ ميلَ ۾ ڪڇ، هڪ دفعي پائڻ ڪانپوءِ سڄ ڪٽي يا ٻج ڪٽي. پاٽيهي ڳري سڙي پنهنجي پاڻ مان جندُ ڇڏائن تہ واهہ نہ تہ پيو ٽيو خير. ساڄي ڪُلهي تي پُٺارڪ ڪتابن ۽ اخبارن جي، ڪاٻي ڪڇ ۾ بہ ٽي سير اخبارن جو پلندو ۽ اُن سان گڏ "ٻاوِريءَ جو گيڏيو" هٿ ۾ مس ڪپڙي، ڪُڙي پيجي سپاتا تي ويل سليپرن سان، ڪِرٽ ڪِرٽ ڪندو مٽيءَ جي اڻ مئي ڪِهہ اڏائيندو ٽرين جا ولرن جا ولر پويان لايو ڪنهن آفيسر ڏانهن واڪيندو ڪو ماٺهو ويندو ڏسو تہ پڪ سمجهو اِهو آهي مسڪين جهان خان ڪوسو."

موسم ۽ موقعي جي لحاظ کان اِن حليي نامي ۾ مناسب ترميم ڪري سگهجي ٿي. مون کي مسڪين ڏسي يڪدم حافظ جو هي شعر ياد اچي ويو:

خاکسارانِ جہان را بہ حقارت منگر،
توچہ دانی کہ دراین خاک سُواری باشد.

جهان جي خاڪسارن کي حقارت سان نہ ڏس،
تون ڇا ڄاڻين، تہ متان اِن خاڪ ۾ ڪوئي سوار هجي.

لفظ "جهان" جي بدران جيڪڏهن حافظ "جهان خان" شعر ۾ لفظ وجهي ها تہ شعر جو وزن تہ ضرور ڪِري ها، پر ان جي معنيٰ ڳري ٿي وڃي ها.

مسڪين جهان خان کوسي ۾ انڪساري، خودداري، هڪ ظلم تي ٻڌل ڪاموڙڪي نظام لاءِ بي انتها نفرت ۽ پنهنجي مظلوم عوام لاءِ بيحد محبت هئي. "مجنون" کان بهتر هُن تي ڪير ٿو لکي سگهي! هن اسان کي ٻڌايو تہ جاگيراڻي، شهرياڻي، ڇُتاڻي، جُماڻي ۽ مَنيوال وغيره کوسا هتي رهندا آهن. اهي اڳي بہ ڏاڙا هڻندا ها ۽ اجا بہ هڻندا آهن، پر اُنهن مان ڪيترا سرڪاري نوڪر بہ آهن. هن اُهو ٻڌايو تہ ڪيئي بلوچ ۽ بروهي ذاتيون ٿر ۾ رهنديون آهن، پر هن جي دل پيلن، ڪولهين ۽ مينگهواڙن سان آهي.

حشو ڪيولراماڻي، جو مسعود کدر پوش جو دوست هو جيڪو 1947ع ۾ ڪراچيءَ جو ائڊيشنل ڪمشنر هو جڏهن هاشم رضا ڪراچيءَ جو ڪمشنر هو مون کي ٻڌائيندو هو تہ مسعود جڏهن بمبئيءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو تہ هن جي اتان جي آدي واسين سان ايتري محبت ٿي وئي هئي، جو هو پنهنجي فلسفي کي چوندو ٿي "ڀيل ازم جو فلسفو" هو. مسڪين جهان خان کوسو جِہ ست درجا سنڌي پڙهيل هو ۽ سپاهيءَ جي نوڪريءَ تان مستعفي ٿي، ٿري عوام جي خدمت ڪندو هو اهو بہ "ڪولهي ازم فلسفي" ۾ اعتبار ڪندو هو. ان ڏينهن مسڪين ڏسي الائجي ڇو مون کي ويهين صديءَ جو عظيم ترين انسان جرمن ڊاڪٽر آلبرٽ شواٽيرز ياد آيو هو جنهن ڀهريون تہ پيانو ۽ آرگن تي مهارت حاصل ڪئي هئي ۽ باخ (Boch) جي سنگيت (Concert) ۾ ڀهرو وٺندو هو پر پوءِ اهو ناڪام سمجهي، هن علاج معالجي ۾ ڊگري حاصل ڪئي هئي ۽ مهذب دنيا کي تياڳي آفريڪا جي هڪ ڳوٺ ۾ ديرو ڄمايو هو جو جڳ ۾ لمبامي (Lambame) جي نالي سان مشهور ٿيو هو. اُتي هن انگ اگهاڙن، پيٽ بکين ڪارن لوڪن جي مفت علاج لاءِ وڏيون اسپتالون ٺهرايون هيون. هو 4 سيپٽمبر 1965ع تي 91 ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو. هن جي وفات کان اڳ "ٽائيم" رسالي هن کي "دنيا جو عظيم انسان" لکيو هو.

هو واقعي هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو ماڻهو هو. مغرب جي سفيد فام

ڊاڪٽر لاءِ آفريڪا جي سياهہ فام مخلوق کي پنهنجي زندگي سپرد ڪرڻ وڏي ڳالهہ آهي. انقلاب وڏي ڳالهہ نہ آهي. تاريخ چٽيءَ طرح ڏيکاريو آهي تہ انقلابي اقتدار ۾ اچي، اقتدار کي برقرار رکڻ لاءِ لُنءَ ڪانڊارينڊڙ بربريت تي لهي اچن ٿا. اُهي انسانيت جا محسن سپهہ سالار نہ آهن، نہ اُهي انسانيت جا خدمتگار آهن. ائين برابر آهي تہ آلبرٽ شوائيٽزر نہ فقط اهلِ دل هو پر هن جو انساني مسائل تي غور ۽ فڪر بہ بي مثال هو ۽ هو ڪافي ڪتابن جو مصنف بہ آهي. هن جي پنج سئو صفحا سوانح عمري جيمس برابزون (James Brabzon) لکي آهي، جو آفريڪا ۾ ڄايو هو ۽ تعليم لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ ورتي هيائين ۽ بي. بي. سيءَ تي ڊائريڪٽر ۽ ٽي. وي پروڊيوسر بہ آهي. جيمس برابزون پنهنجي ڪتاب جي صفحي 242 تي هُن جو لکيل هيٺيون ٽڪرو ڏنو آهي:

”غور ڪندي مون کي تعجب آيو تہ مون کي انهيءَ فلسفي جي مرڪزيت گرفت ۾ آڻڻي هئي، جا انساني تهذيب وتمدن ۽ دنيا جي شعور تي ٻڌي وئي آهي. مان ان جي اندرئين تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي، پر واري واري سان مون کي اها ڪوشش ڇڏڻي پئي. مون نظريو تہ اڪئين پئي ڏٺو پر اهو منهنجي پڪڙ ۾ نہ پئي آيو ۽ مان ان کي ٻوليءَ ۾ اظهاري نہ ٿي سگهيس.

انهيءَ ذهني ڪيفيت ۾ مون کي هڪ نديءَ ۾ ڊگهي سفر لاءِ وڃڻو پيو. مان پنهنجي زال سان گڏ پنهنجي صحت ۾ سڌاري لاءِ ڪيپ لوپيز (Cape Lopez) جي ساحل تي رهيل هوس. اهو 1915ع جو سيپٽمبر مهينو هو مون کي نگومو (N Gomo) ۾ هڪ تبليغي پادريءَ جي بيمار زال مادام پِيلو (Pelot) کي نديءَ جي اوپار هڪ سئو سٺ ميل پري چڪاس ۽ علاج لاءِ وڃڻو پيو. مون کي وڃڻ لاءِ هڪ ننڍڙو اسٽيمر مليو جنهن تي پيهہ هئي ۽ جو ڇُٽڻ وارو هو. مون ڪانسواءِ اسٽيمر ۾ مقامي ماڻهو ها، پر انهن ۾ منهنجو لئمبرين وارو دوست ”ايمل او گوما“ بہ هيو چاڪاڻ جو مان تڪڙ جي ڪري، پنهنجي سفر لاءِ پورو کاڌو خوراڪ نہ کڻي سگهيو هوس، انهيءَ مون کي پنهنجي هانڊيءَ مان ڪجهہ کاڌي لاءِ آڇيو. آهستي آهستي اسان اوپار ويندا رهياسين ۽ ڏکيائي محسوس ڪري رهيا هياسون، ڇو تہ اها خُشڪ موسم هئي ۽ واهڙ هُيو ورياسين ڪنارن وچان. مان اسٽيمر جي ڊيڪ

(Deck) تي پنهنجن خيالن ۾ غرق وينو هوس ۽ اخلاقيات لاءِ اُهو ابتدائي ۽ آفاقي اصول تلاش ڪري رهيو هوس، جو اڃا تائين مان پنهنجي فلسفي ۾ ڳولي نہ سگهيو هوس. مون ڪيئي پنا ڪارا ڪيا ها، جيئن ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهان. ٽي ڏينهن سنجها سَمَئہ هڪ دريائي گهوڙن (Hippopotamuses) جي ميڙ مان اسان ڪي لنگهڻو پيو. اوچتو منهنجي من ۾ ڪي وچ وانگر ٻول ٻُريا، جي هونءَ تہ ڪن جن نہ هيا ۽ اُهي هيا "Reverence for Life" (زندگيءَ لاءِ احترام)، لوهي دروازو ٽٽي پيو هو. ٻوڙن مان واٽ پڌري ٿي پئي. هاڻي مون کي اهو نظريو ملي ويو هو جنهن ۾ جهان ۽ زندگيءَ جي اثبات ۽ اخلاقيات لڳو لڳ هُيا. هاڻي مون ڄاتو آهي تہ اخلاقي دنيا ۽ زندگي جي اثبات ۾ اُهي نصب العين، جن تي تهذيب ٻڌي وئي آهي، ڇا آهن."

مسڪين جهان خان ست درجا سنڌي پڙهيل هو. هو خود مصنف نہ هو ۽ هن جي سوانح حيات هڪ مختيارڪار محمد بخش "مجنون" پنهنجي مخصوص انداز ۾ لکي آهي، پر مسڪين جي نسبت بہ فقط "خاڪ" سان نہ هئي، پر "عالمِ پاڪ" سان بہ هئي، جي انسانذات جي بي لوث خدمت، رنگ، نسل، قوميت ۽ مذهب جو خيال نہ رکي ڪئي وڃي ۽ ماڻهو سان ڏک درد بنا ڪنهن غرض يا مطلب جي ورهايو وڃي تہ ان کان بهتر عبادت ٻي نہ آهي ۽ انسانيت لاءِ احترام کان وڌيڪ ٻي وڏي عظمت جي نشاني نہ آهي. بين الاقوامي سطح تي اَلبرٽ شوائيٽرز ۽ قومي سطح تي مسڪين جهان خان اهڙا ماڻهو آهن، جن جي زندگيءَ جي لانگ مارچ مائوءَ کان بنهہ مختلف آهي. انهن ڪنهن کي ڏک نہ ڏنو آهي، فقط سُنو آهي.

بين الاقوامي سطح تي مون کي ٻہ ٻيا انسان بہ سُجهي اچن ٿا، جي ائين ڳياڙي نہ هٽندا ها، جيئن انقلابي هٽندا ها ۽ اُهي ها گانڌي ٻيو مارٽن ليودر ڪِنگ جونيئر. انهن ٻنهي لاءِ نوبل انعام تہ تيچ آهي، پر ٻيو ڪوئي بہ انعام انسان ذات هنن لاءِ ڏيڻ جي اهل نہ آهي. پنهنجي زندگيءَ ۽ موت سان هنن عالم جي جريدي تي اَمٽ مُهر هڻئي آهي. مارٽن ليودرڪنگ کي آڪٽوبر 1964ع ۾ ۽ اَلبرٽ شوائيٽرز کي نوبل پرائيز تہ مليو، پر اهڙن شخصن جا انعام ازل ۾ آهن. ڏن دولت سان انهن جو قدر نہ ٿو ڪري سگهجي. ڪنهن چيو آهي تہ وڻ جي اوچائيءَ جي پوري ماپ تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن اُهو

ڪيرايو ويڃي ٿو. خود آمريڪا جي نيگرو ليڊر مارٽن ليوٿرڪنگ جونيئر چوندو هو تہ:
”جيڪڏهن ڪوئي انسان ڪنهن ڳالهہ لاءِ نہ ٿو مري تہ هو جيئڻ جي لائق نہ آهي.“
14 اپريل 1968ع تي هن کي نسلي فساد ۾ ميمفس ٽينيسي (Memphis Tennessee u.s) ۾ گولي هڻي ماريو ويو هو.
اسان وٽ باچا خان جو مثال ڏسو. هن جي آپ بيتي اردوءَ ۾ جنوري 1991ع ۾ ڇپي ۽ مون کي منهنجو نوجوان مداح قاضي عمر تحفي طور ڏئي ويو هو. هو نہ رڳو پنهنجي راءِ جو پچاڙيءَ تائين بي باڪيءَ سان اظهار ڪندو رهيو پر هن خدمتِ خلق جي ڪري ڇا نہ سَٺو. اُن جو اُهو ڪتاب هڪ عبرتناڪ داستان آهي. اهڙا ٻيا بہ ڪيئي انسان آهن، جن سڀ ڪجهہ پنهنجي سِر تي سهي ديس جو نيتارو ڪيو آهي. مسڪين جهان خان بہ عوامي زندگي اَپنائي نہ هئي، پر هو شروع کان ان زندگيءَ جو حصو هو هن پڇيرو ۾ ويهي ٻيل گاڏيءَ سان همدردي نہ ڪئي هئي.
اسان ريسٽ هائوس ۾ ناشتو ڪري جيپ تي پن چڪي ڏسڻ نڪتاسون، جا ننگرپارڪر کان ميل پري ڪنهن مغربي ملڪ امداد ۾ ڏني هئي. شايد ٿر ۾ اهڙيون چار پَن چڪيون لڳي چڪيون هيون يا لڳڻيون هيون. چانگ مون کي ننگرپارڪر جي ماکيءَ جون بہ بوتلون ۽ هڪ بوتل رشيد پٽيءَ کي تحفي طور ڏئي اسان کان موڪلايو. مون جڏهن سکر ۾ ماکي ناشتي لاءِ پيتي هُئي تہ ان مان ڪجهہ مُئل ڪِوليون نڪتيون هيون. مون جڏهن رشيد پٽيءَ کي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ هن چيو:
”جي تون اِها ماکي نہ کائين تہ مون کي ڏي، مان اُن کي ڪپڙ ڇاڻ ڪري ڪِوليون ڪڍي وٺندس.“
مون هائو ڪئي تہ هو منهنجي گهران اچي ماکيءَ جون ٻئي بوتلون کڻي ويو ۽ پندرنهن ڏينهن ۾ هو ٽئي بوتلون کائي ويو. پٽي کائڻ جو ملهہ مڙس هو پر نيٺ کاڌو هن کي کائي ويو ۽ هو ذيابيطس ۾ گذاري ويو.

”اڄ پڻ اڪڙين سڄڻ پنهنجا ساريا.....“

رشيد پٽيءَ جي وڇوڙي جي ڳالهہ نڪتي تہ اکيون پرجي آيون ۽ مون

پڻائيءَ جو مٿيون شعر ڳوري آواز سان پڙهيو.

پن چڪي ڏانهن ويندي اسان سان هڪ تپيدار بہ رستي ڏيڪارڻ لاءِ ساڻ هو. هن رستي تي هڪ لوڙهي پرسان جيپ روڪرائي. پريان لوڙهي جي پڌر ۾ ڪونيٽ جي وڻ لڳ هڪ گوري رنگ واري نهايت خوبصورت ڇوڪري نظر آئي. هن ڪي رنگين گهاگهرو ڪنجرو ۽ چني پئي هئي. ڪنجريءَ تي ريشم جو پرت پريل هو ۽ ٽڪون مڙهيل هيون. هن هرٽن جي سڱن جون قلڙيون پاتيون هيون، جن تي چٽ نڪتل ها. ڳچيءَ ۾ هن کي تائٽ، پيرن ۾ چانديءَ جون ڪڙيون ۽ ڪڙهوليون پيون هيون. جڻ تہ هوءَ تپيدار لاءِ اڳيئي تڪي رهي هئي. اسان کي تپيدار ٻڌايو تہ:

”هي ريباري قوم جا ماڻهو آهن ۽ مون کي هن ڇوڪريءَ کي هن جي پيءُ لاءِ نياپو ڏيڻو آهي.“

ڇوڪري منهنجي دل ۾ پيهي وئي ۽ پوءِ بار بار منهنجي شاعريءَ ۾ جهرٽي وانگر ڦٽي نڪتي آهي. تپيدار هن سان ڏهہ پنڌرنهن منٽ ڳالهائي جڏهن موڪلايو تڏهن هن جي منهن تي مُرڪ ائين لڳي رهي هئي، جيئن ڪونيٽ جي تازن پنن تي مُرڪ هوندي آهي.

ڪيئي سال پوءِ مون هن کي ماسڪو جي پيڪنگ هوٽل ۾ ڏٺو هو. هوءَ روسي هئي، فرانس جي ”انسٽيٽيوٽ آف فارين لئنگويجز“جي گرئجويٽ ارينا، جنهن پيڪنگ هوٽل ۾ منهنجي ڪمري جو دڙ کڙڪايو هو. مان هن کي ڏسي وائڙو ٿي ويو هوس. ساڳيو رنگ روپ، ساڳيو قد ڪاٺ، ساڳي نرم ملائم مرڪ، جنهن ۾ هن جا چپ چميءَ لاءِ آتا ها. هن ٻڌايو تہ روسي اديبن جي بيورو کيس موڪليو آهي تہ هو اسان جي ماسڪو کان دوشنبي تائين ۽ واپسيءَ تي رهنمائي ڪري. هن چيو تہ هن جو گهر ماسڪو کان سٺ ميل پري آهي ۽ هن کي جلدي اُتان سفر لاءِ سامان ٻڌي اچڻو آهي. هن کي سرڪاري ڪار آهي ۽ جي مان بہ هن سان هلان تہ هوءَ مون کي ماسڪو جي مضافات جو چڪر هڻائي ايندي. مون هائو ڪئي ۽ هن سان گڏجي ويس. ڇا ائين ٿي سگهي ٿو تہ بہ انسان هوبهو هڪجهڙا هجن يا اهو منهنجو وهم هو!

ڪار ۾ اسان فرينچ ادب تي وڪٽر هيوگو کان وٺي سمون دي بوآر ۽ سارتر تائين ڳالهايو. هن مون کي ٻڌايو تہ روسي اديب زواگو تان بندش هٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن. جڏهن مون هن سان روسي ادب تي

ڳالهايو تہ هوءَ حيران ٿي وئي ۽ چيائين تہ توکي روسي ادب جي مون کان بہ گهڻي جاڻ آهي. ايتري ۾ سندس گهر اچي ويو. بہ ماڙ تي هڪ ڪمري جي فلئٽ هئي. گهڻو سرو سامان ڪونہ هو ۽ پٽ ۾ ڪوڙيل رَڦَ تي ٽي چار ڪتاب رکيل ها. هن پنهنجي سفر لاءِ ڪجهہ ڪپڙا ٿيلهي ۾ ڪنيا ۽ هيٺ لٿي. واپسيءَ تي اسان روسي معاشري، ادب ۽ خاص ڪري ٽالسٽاءِ، دوستووسڪيءَ ۽ شولوخوف تي ڳالهائيندا آياسين. هوءَ تاشقند تائين سفر ۾ منهنجي نهايت گهري دوست ٿي وئي ۽ پوءِ مون هن تي هڪ نثري نظم بہ لکيو هو. هن جي باري ۾ وڌيڪ روس جي سفرنامي ۾ لکندس.

”هي ڪير آهي، جنهن منهنجي پاند ۾ ايترا گُل ٿڦي ڪيا آهن؟“

مون سوچيو هو ۽ سوال مون کي ڪافي بي چئن ڪيو هو!

ريباريءَ جي گهر وٽان اسان پن چڪيءَ وٽ آياسين. مون سوچيو تہ آمر هڪ نانگ وانگر اُبرڪا ڪري رهيو آهي ۽ ڪنوڻ ڪڏهن متس ڪڙڪندي؟ سياست ۾ پنج فيصد بعيد از فهم جُزا (Imponderable factors) هوندا آهن. رستي تي پيرن اگهاڙا ڪولهي، ڀيل ۽ مينگهواڙ نظر اچي رهيا ها. افسوس آهي تہ انهن دراوڙي نسل جي ماڻهن تي سنڌيءَ ۾ ڪو مفصل ڪتاب نہ لکيو ويو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ خورشيد قائم خاني ان موضوع تي ”ڀٽڪتي نسلين“ (آتم ڪٿائي انداز ۾) نالي ڪتاب اردوءَ ۾ لکيو آهي، پر پوءِ بہ پڙهندڙ اڃارو رهجي ٿو وڃي. مون ٽاڊ جو “Annals and antiquities of Rajisthan” اٿلائي ڏٺو تہ ان ۾ فقط ڀيلن تي بہ ٽي سٽون هيون. ايترو مان چوندس تہ هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي ثابتي آهي تہ اتي دنيا جا نهايت مهذب انسان رهندا ها. اماري دي ري ڪور (Amaury de Rei Court) جي ڪتاب ”هندستان جو روح“ (Soul of India) ۾ مون هڪ هنڌ پڙهيو تہ:

آريا وحشي ها ۽ سنڌ جا اصل باشندا جن کي اڻ ـ آريا سڏيو وڃي ٿو مهذب ها. آرين حملا ڪري سنڌ جي واديءَ ۾ شهر مسمار ڪري ڇڏيا، اُتان جي پنچائتي سرشتي جي پيچده سماجي تاڃي پيٽي کي تار تار ڪري ڇڏيو انهن جي انتظامي لياقت کي نهوڙي نيو ۽ زندگيءَ جي معيار کي چيٿاڙي، ڇيپاڻي ڇڏيو شهر ڦُريا ويا ۽ ساڙي رک ڪيا ويا. پهريائين زنا ۽ پوءِ فاتح ۽ مفتوح خاندانن ۾ شاديون ٿيون. آريا قوم هڙپا ۽ موهن جي دڙي

جي تهذيب کي ائين لتاڙيو جيئن وحشي ٽيوٽاني قوم (جرمنيءَ جي قديم باشندن کي Teutonic چوندا آهن.) رومن قوم کي ڪچليو هو. زندگيءَ جا مهذب معيار اچي پَٽ پيا, ماڙا پٽجي پُري ويا, نيون آڏاوتون رَدي هيون, گهٽين جي مهاڳن کي واريو ويو ڪوٺيون سوڙهيون ٿينديون ويون ۽ اُنهن جا رهواسي وڏندا ويا. ڪنڊرن جي وچ ۾ وحشي آرين پنهنجون جهوپڙيون اڏيون, سِرون بي ڏيانيءَ سان پچايون, رستن ۾ اجايا وروڪڙ ڪيا, فرش اُکڙي ويا ها ۽ رهائشي جايون گندا پاڙا ۽ ڊونڊ واڙا ٿي لڳيون. هر شيءِ مان تخريب جي بوءِ ٿي آئي. انهن بي جان شهرن جي ڪنڊرن ۾ ڪانئين جا پونگا ناهيا ويا. هڙپا ۽ موهن جي دڙي جا ماڻهو انهن وحشين اڳيان بيوس نظر آيا, انهن جي شهري زندگي ڊهي پئي ۽ انهن لاءِ اونداهو دور شروع ٿي ويو. جڏهن آريائي حملہ آور آيا, تڏهن انهن ساري تاريخي ثابتي مٽائي ڇڏي, اتان جي لپي ميسارجي وئي ۽ آريا قوم کان اڳ جا ڪاٿاوان ماندا ٿا پٽجي پيري ويا, انهن جو نانءُ نشان نہ آهي. حملي آور جيئن آيا, تيئن انهن تاريخ ڏانهن بي پرواهي ڏيکاري, جا ڳالهہ پوءِ سنڌ ۽ هند جي نفسيات ۾ شامل ٿي وئي. وحشي آريا قوم ڪا يادداشت نہ ڇڏي هئي. انهن چينين وانگر تاريخي رسالا بہ نہ ڇڏيا ها. رڳو ڏند ڪٿائون ڇڏيون هيون. وقت جي دائري اندر تاريخ کان پري ازلي ۽ ابدي ڪهاڻيون, جن جو تصور ۽ حقيقت خلط ملط آهن. انهيءَ طرح اسان کي آريا قوم جو ادبي شاهڪار ”رگِ ويد“ مليو جنهن مان هند جي تاريخ جو اونداهو دور گهڙي يا جوڙي ٿا سگهون.

رگ ويد, هومر جي آڊيسي (Odyssey) ۽ اليڊ (Iliad) وانگر آهي. اهو سنڌ ڌرتيءَ جي رهواسين ۽ ٻاهران حملي ڪندڙ جي وچ ۾ جنگ جو آريا قوم جي نڪتہ نگاهہ کان رنگا رنگ ۽ بي بها داستان آهي. آرڪيالاجي (وستو وديا) جي ذريعي جو ٿورو گهڻو مواد مليو آهي, اُن تي اهو ٻڌو ويو آهي ۽ ان کي غور سان پڙهبو تہ اونداهي دور جي چڱي پروڙ پئجي سگهندي, پر ان لاءِ تاريخي مواد ڪونہ آهي. اهو اسان کي رڳو وير ــ چَرتر ڪٿائون, پڄن, گيت, منتر, پرڀوڏ ۽ پرارٿنائون ڏئي سگهي ٿو. ڪنهن مهل اُهي اتم ۽ اوچيون آهن ۽ ڪنهن وقت اَلهڙ ۽ ٻاراڻيون آهن. رگ ويد کي غور سان جاچڻ سان هي صورتحال ايري اچي ٿي:

ڏڳها, گوري رنگ وارا وحشي آريا, ڳوڙيون زرهون پائي سنڌ ۾ پنهنجن

گهوڙن تي سوار ٿي آيا ۽ انهن کي لوهہ جا جنگي هٿيار هيا. جي هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي سڌريل ماڻهن وٽ ڪونہ ها ۽ هنن پهريون پيرو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ بربريت ۽ جنگي سَري سامان ۾ فوقيت ۽ بالادستي ساٿ ساٿ رهي سگهن ٿا. انهن ماڻهن بينن ۽ ڪار وَنن داسن کي نفرت سان ڏٺو جن هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي سيپتا کي جنمر ڏنو هو. فاتح پَرت، يادوَ درهيا، پور وغيره هيا ۽ انهن هند جو ڪافي حصو والاريو هو جيئن گوٿ (Goths)، وزي گوٿ (Visigoths)، لومبارڊ (Lombards)، فرئنڪ (Franks) ۽ وئنڊل (Vandal) قومن بہ هزار سال اڳ رومن سلطنت والاري هئي. انهن آرين جا هيرو ڪشتريا (ڪتري) هيا ۽ انهن جو ديوتا اندر هو جو پنهنجي رٿ ۽ پنهنجي ڏنش سان وڙهندو هو ۽ هن جي پنيان پيادا ويڙهاڪ هوندا ها. پروهت، ويد، پوپا، انهن جي ڪِڏ سمجهيا ويندا ها.“

اها ڳالهہ مٿي ذڪر ڪيل مصنف لکي آهي، جو فرينچ آهي. ساڳي ڳالهہ ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ چئي آهي، جو منهنجي وقت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو ۽ پاڪستان جو گهري ۽ دور رس نگاهہ وارو تاريخ دان آهي. هن تاريخ سنڌ (عرب دورِ حڪومت) ۾ صفحي 7 تي لکيو آهي:

”جڏهن فاتح قوم پنهنجي تاريخ لکندي آهي، تڏهن مفتوح قوم جي نقطہ نظر کي ان ۾ بلڪل دخل نہ هوندو آهي ۽ حق انصاف کي (فاتح قوم) پنهنجي پُٺ ۾ رکندي آهي.“

”هند جي روح“ ۾ بہ هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي تهذيبَ بہ انهيءَ نظرئي سان شروع ڪئي وئي آهي.

مٿي ذڪر ڪيل تر جي ڪولهين، ڀيلن ۽ مينگهواڙن جي پهاڪن مان مون کي هڪ سٽ ياد آئي:

”ڏکڙ مينهن نہ وسڻا، جي وسي تہ ٻوڙي“

۽ سوچيم تہ ڇا ڏکڙ ڪان مينهن وسندو؟ منهنجو من ڪنهن چوڏول ۾ ڀانواتي ڪائي رهيو هو؟ غالباً اُتان ئي اسان ڀالوا وياسين، جتي مارئيءَ جو کوهہ ۽ پٽر جي ڪوندي اڃا تائين موجود آهي. مارئيءَ کي سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ، خاص ڪري ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ائين امر ڪيو آهي، جيئن هومر هيلن آف ٽُراءِ کي امر ڪيو آهي. مون اڳ بہ ڪٿي لکيو آهي تہ مارئي هڪ سادي سودي پنهوار هجي ها ۽ هُن جو ويس پڙو

ڪنجري، چُني ۽ لوئي هجي ها، جا ڪوهہ تان گهڙو پريندي، ٻيءَ ڪنهن پاڻياريءَ وانگر لڳي ها. هومر هيلن کي هيلن ڪيو هو ۽ هوءَ يونان جي تاريخ جو اَمٽ حصو ٿي وئي هئي. اُئين ضرور آهي تہ پنائيءَ لاءِ مارئي جسم ۾ روح جي علامت هئي، پر مون تہ اُن ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ سان وحدت الوجود جي ڪيفيت سمائي هئي ۽ پنائيءَ جا جديد شارح بہ هن کي سنڌ جي علامت ڪري ڪم آڻن ٿا، پر ڪي نادان سياست دان پنائيءَ جي تصور کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي سياسي مقصد لاءِ ڪم آڻن ٿا ۽ اهو وساري ٿا ڇڏن تہ پنائيءَ جي دور ۾ سنڌي حڪومت ڪندا ها ۽ پنائيءَ جو قيد، قفسِ عنصري ۾ انساني روح جي قيد جي علامت هو. ائين نہ هو تہ ڪيٽ سين ڪي مارو ڪنا ڪري عمر جي ڪوٽ تي يلغار ڪئي هئي ۽ مارئيءَ کي قيد مان آزاد ڪرايو هو. مارئيءَ جي قيد مان رِهائي بہ ڪنهن سياسي اهميت جي حامل نہ ٿي ٿِي سگهي، ڇو تہ عمر هن کي ڀيڻ سمجهي ازخود رِها ڪيو هو.

پر شاعر ۽ اديب کي اهو حق آهي تہ هو ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو جيئن يوناني شاعر ڪازان زاڪس پنهنجو طويل نظم يوليسز (Ulyssess) جديد انسان جي ذهني ڪشمڪش کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪم آندو آهي، پر ڪنهن وقت اهو استعمال غلط بہ ٿي سگهي ٿو جيئن احمد سليم، مشتاق صوفيءَ تي تنقيد ڪندي لکيو آهي تہ:

”دُلا ڀٽي تہ هڪ ڏاڙيل هو ۽ پنجاب جو هيرو نہ ٿو ٿي سگهي ۽ پنجابي شاونسٽ هن کي ان مطلب لاءِ ڪم آڻي رهيا آهن.“

مان ڪنهن همعصر انقلابيءَ لاءِ ڪجهہ نٿو لکان. هجي ڪوئي هوچي منهہ جهڙو تہ هن جي موافقت يا مخالفت تي وقت ضائع ڪريان. جي ڪنگڻ ڪالوري، اچو ڀاڻي لڙڪيو آهي، (شايد ان لاءِ تہ اهو گهرو نظر اچي) تہ پاڻ اهو سَر ئي ڇڏي ٿا ويجون. فن جي صاف شفاف جهيل تي مون پرتري هريءَ کان وٺي پنائيءَ تائين فقط هنج ڏٺا آهن. جن کي هڪ روسي انڊر سيڪريٽريءَ جيترو جدلياتي دماغ بہ ڪونہ آهي، اُنهن تي وقت جو زيان اجايو آهي. ادب مان هيڏانهن هوڏانهن نالا هٽ ڪري ادبي تنقيد رڳو ٻيرو پنيلائي سگهندي آهي. پنهنجو سيني جو ڀاڻي ڪچيل آهي ۽ ڇاڇر ۾ ڇيرون هڻڻ واري کي پريان پر کي ٿا ونون. خير، مون کي نقاد ٽيڻ جو هروڀرو

شوق نہ آهي ۽ نہ ڪنهن جي سياست جي سطحيت ۾ ڦٿڪيءَ گهڙتيءَ ڪي واڪو ڪرٽو آهي. نادر شاھہ جا سپاهي پنائيءَ ڪي نہ سمجهي سگهن ها يا هن ڪي گهٽ وڌ ڳالهائن ها تہ هنن ڪي ڪير ميار ڏئي ها. آخر نمڪ حلال جو هيا! بهتر آهي تہ پنهنجي ڪمري ۾ پيٺ وسائجي. آواز طوطي جو هجي يا بلبل جو نقاره خاني ڪان دور هجي تہ بهتر آهي. هونءَ مون تہ لفظ ”نقاد“ قاف قلم سان نہ ڪاف ڪُتي سان لکيو آهي، پر چيچڙن ڪيڻ لاءِ ڪُتي جو ڪن ڪپڻ غلط آهي. چڙي ڏجين تہ وينا پنهنجا ڦٽ لَڪين!

مون احمد سليم کي چيو هو تہ اسان وٽ مارئي مزاحمت جي علامت نہ آهي، پر هن کي آزادي عُمر خودبخود آچي هئي. ائين آهي تہ هن عمر کي ويجهو اچڻ نہ ڏنو هو ۽ وطن کي واجهائي ساهہ ڏيڻ بهتر سمجهو هو. اسان وٽ ڪيت سين بہ هڪ بي جان ڪردار هو پر هير تہ رانجهوءَ سان گڏ جان ڏني هئي. اهي ٻئي ڇاجي علامت آهن؟ فقط پنجاب جا روميو جوليٽ آهن يا انهن جي ڪردار مان ٻي بہ ڪائي علامت اُڀري ٿي؟ ۽ جي شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي روحاني پهلوءَ کي ڏسجي ٿو تہ مارئيءَ جي انسان جي روح سان تشبيهہ سُجهي اچي ٿي ۽ زندگيءَ جي قيد و بند ڏانهن ڌيان وڃي ٿو. جيئن غالب چوي ٿو:

قيدِ حيات وبند غم اصل ميں دونوں ايک ہيں
موت سے پہلے آدمی غم سے نجات پائے کيوں؟

پر ان حالت ۾ عمر ڪير هو؟ ڇا هو زندگيءَ جي جبر سان مشابهہ هو. جي ها. تہ هن پنهنجو پاڻ مارئيءَ کي مارئيءَ جي جيئري رهائي چو ڏني؟ مان پانيان ٿو تہ شاهہ جي شاعريءَ مارئيءَ کي مارئي بڻايو آهي، نہ تہ هوءَ هڪ ٻهراڙيءَ جي عورت هئي.جا وڏيرا روز پيجائي ٿا وين. هوءَ علامت ٿي وئي پر ڇا جي؟ ۽ عمر ڇاجي علامت هو اها ڳالهہ مون کي اجا تائين سمجهہ ۾ نہ آئي آهي!

مارئيءَ جي ڪوندڙيءَ پرسان ڪيئي آڪ ها. جن مان اڪثر اَڪن جون تاريون سُڪل هيون ۽ ڪجهہ مارو انهن جا اچا تاندورا ڪتا ڪري رهيا ها. جن مان هنن کي ”اڪوارو“ ناهٽو هو جنهن مان ڪافي مضبوط رسا ۽ ورتون وٽجي ٿي سگهيا. اڪ جا ٻوٽا اُتر ۾ بہ جام ٿيندا آهن ۽ انهن جون نيرڙيون ڦلڙيون مون کي ڏاڍو وڻنديون آهن. مون پنهنجي هڪ نثري

شاعريءَ جي مجموعي جو نالو "اڪ جون ڦُلڙيون، پيچ پنيءَ" رکيو هو. پر اُهو ڪتاب مون ڇپائيءَ کان پوءِ خود وڪري لاءِ نہ آندو ۽ ان مان ڪجهہ چوندڊ ٽڪرا اُتم جي "نئين دنيا" ۾ آيا ها ۽ ڪجهہ پوءِ "پتڻ تو پور ڪري" ۾ ڏنا ويا ها. وري 1988ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪشنس پاران فيروز ميمڻ هڪ شاعريءَ جو مجموعو ڇپايو جنهن جو نالو مون "آڪن نيرا ڦُليا" رکيو هيو.

اُتم ۽ سندريءَ سان منهنجي ملاقات اُن ٽر جي سفر کان اڳي بمبئيءَ ۾ ٿي هئي. هو مون وٽ آيا بہ ها ۽ ڏهاڪو ڏينهن مون وٽ سکر ۾ مهمان هيا. مغل ستار خان سندن اَبل واهہ تي دعوت ڪئي هئي، جتي واهہ جي وٽن ۾ رسي ٻڌي اسان وِهتا هياسين. رسي ان لاءِ ٻڌي هئي سين، جو اسان مان جي اڻ تارو هيا، اُن ۾ هٿ وجهي سگهن. مان تہ سنڌ واهہ جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين تري سگهندو هوس. سندري ويشنو آهي، پر اُتم کي دعوت ۾ جيراندي ڏاڍو وڻي. هڪ ڏينهن پٽي اُتم کي ساميءَ جو گهر ڏيکارڻ شڪاپور وٺي ويو هو. ساميءَ جو پوٽو پورن پڳت مون تڏهن ڏٺو هو جڏهن منهنجي عمر ڏهہ ٻارنهن سال هئي. ڪجهہ ڏينهن اڳ دولت مهتاڻيءَ جي مالي مدد سان ابراهيم جويي ناگراڻيءَ واري "ساميءَ جي سلوڪن" تي لکيل ٽئي جلد گڏي ٻن جلدن ۾ ڇپايا ها. ڇپائي ۽ گيٽ ـ اَپ ٺاهوڪو هيو ۽ ٻئي پڪا جلد هڪ باڪس ۾ هُئا، جيئن گهڻو ڪري مغرب ۾ ڪتاب ڇپبا آهن. پوءِ هڪ تقريب ڪئي وئي، جتي مون کي ابراهيم "وڏو" ڪري متي ويهاريو چوتہ هو پاڻ ڪتاب جو مصنف هيو. مون سنڌيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪلاڪ ڪن زباني تقرير ڪئي ۽ مون محسوس ڪيو تہ اُن ۾ ايتري رواني هئي، جيتري منهنجن انهن بهترين تقريرن ۾ هوندي هئي، جي مون هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيون هيون ۽ جن جي ڪري مون کي وڪالت ۾ ڪافي شهرت حاصل هوندي هئي.

اتم انهيءَ زماني ۾ "نئين دنيا" منهنجي بِلي رکي هئي ۽ نہ رڳو منهنجو غزل:

"بي موت مئا، تولاءِ ڪُٺا، انسان هزارين مان نہ رڳو."

سنڌي حلقن ۾ آگ وانگر ڦهلجي ويو هو پر پوءِ هن منهنجا شاعريءَ جا ٽي ڳٽڪا، جي مون ٽر جي سفر تان موٽي لکيا ها "جل جل مشعل جل جل" "هي گيت اجايل مورن جا" ۽ "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" جي ڇپائيءَ لاءِ نئين دنيا جا ٽي انڪ (شمارا) سيڙايا ها. انهن شاعريءَ جي مجموعن کي

ڪجهہ بين شعرن سان گڏ مون ”وڃون وسڻ آيون“ جي نالي سان ڇپايو ۽ ان ۾ آيل نظم وغيره مون ساريءَ سنڌ ۾ سفر ڪري، ڪيترن ئي هنڌن تي پڙهيا هئا ۽ جن مون کي نوشڪيءَ کان پشاور تائين هڪ شاعر جي حيثيت ۾ مشهور ڪيو هو. انهن ون يونٽ خلاف تحريڪ کي ايتري تقويت ڏني هئي، جو انهن جا ترجما پڙهي نہ رڳو مون تي مرحوم حبيب جالب ۽ مرحوم گل خان نصير ۽ اجمل خٽڪ. جو پشتو جو وڏو شاعر هو نظم لکيا ها ۽ جڏهن مرڪزي حڪومت پنڊيءَ ۾ پٺاڻن تي فائرنگ ڪرائي هئي، تڏهن اجمل خٽڪ ڪابل ڀڄي ويو هو ۽ جڏهن اُتي ڪيمونسٽ حڪومت ٿڪو ڏئي ڪري هئي، تڏهن پاڪستان موٽي آيو هو ۽ ولي خان جي جاءِ تي هُن جي پارٽيءَ ۾ اڳينءَ نئشنل اسيمبليءَ جو اهم رڪن هو. انهن بہ مون تي نظم لکي عوامي جلسن ۾ پڙهيا هيا ۽ ان ڳالهہ مون کي ايوب خان جي نظرن ۾ ايتري اهميت ڏني هئي، جو هن مون کي شهيد ڀُٽي سان گڏ ساڳي وارنٽ هيٺ نظربند رکيو هو. ابراهيم جويي جا منهنجن ڪتابن تي لکيل مهاڳ، اِنهيءَ ڳالهہ جا گواهہ آهن تہ اُن دور ۾ منهنجي ڪيتري سياسي اهميت هئي. بيوروڪريسي ان کان ايترو ڊنل هئي، جو شيخ مجيب جي گرفتاريءَ کان پوءِ مون کي اٺ مهينا سکر جيل ۾ رکيو هيائون. جتي مون ذري گهٽ شاهہ جي رسالي جيترو ڪتاب ”ڪپر تو ڪُن ڪري“ لکيو هو جنهن ۾ مون شاهہ جا سُر پنهنجي مرڪزي خيال کي منطقي نتيجي تي پهچائڻ لاءِ لکيا ها. 1985ع ۾ گورباچوف ”پيرسترائيڪا“ لکيو جو مون يڪدم ٻاهران گهرائي پڙهيو. ان کانپوءِ سارو اشتراڪي مغرب روس جو باغي ٿي ويو. رومانيا ۾ چائوشيسڪو کي گولي هڻي ماريو ويو پولنڊ ۾ جيروزلسڪي کي بي عزت ڪري ڪڍيو ويو ۽ ليڪ وليسا گورنمينٽ ٺاهي.

مان جڏهن ڪرام ويل اسپتال لنڊن جي پرسان ڪِرائي جي فليٽ ۾ رهندو هوس، تڏهن اسپتال کان ڪجهہ پري هڪ پولِ عورت جو ڪتاب -گهر هو جنهن ۾ فقط ڪميونزم جي خلاف هزارين نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب رکيا هوندا ها. مان لنگهندي پائنديءَ سان هن کان هڪ ڪتاب وٺندو هوس ۽ هن سان بين الاقوامي سياست ۽ خاص ڪري ڪميونزم ۽ اُن جي پولنڊ ۾ اثر تي بحث ڪندو هوس. هن کان مون ليڪ وليسا جي زندگيءَ تي ڪتاب بہ خريد ڪيو جنهن ۾ واضح طور ڏيکاريل هو تہ روسين پولنڊ ۾ ڪيترو نہ

ظلم ڪيو هو. اها وچين وهيءَ جي پول عورت خود بہ شاعره هئي ۽ جڏهن هن اهو ڄاتو تہ مان دور ديس جو شاعر آهيان، تڏهن هن مون کي پنهنجي شاعريءَ جو ڇپيل انگريزيءَ ۾ ترجمو تحفي طور ڏنو ۽ چيائين تہ:
”مغربي يورپ ۾ ڪميونزم مان آزاديءَ کانپوءِ هي ڪتاب بي معنيٰ بڻجي پوندو.“
پوءِ تہ گورباچوف بہ ڪميونزم کي بچائي نہ سگهيو ۽ اُها واريءَ جي گهر وانگر ڪِري ڳَرُ ڳَرُ ٿي وئي. تازو مون ديوار برلن تي هڪ مهانگو ڪتاب ورتو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف آرٽ پيپر تي ديوارِ برلن تي اُنهن تحريرن جا رنگين فوٽو آهن ۽ ٻئي پاسي اُهي تحريرون لکيل آهن، جي وقت بہ وقت ماڻهو مارڪر پينسل سان ديوار تي لکندا ها. ان ڪتاب ۾ اُهي تصويرون بہ آهن، جي مصورن ديوارِ برلن تي ڪڍيون آهن.
مون انگلنڊ مان موٽي سوچيو هو تہ سياسي ڦيرگهير کان پوءِ منهنجي شاعري بہ ائين بي معنيٰ نہ ٿي وڃي، جيئن جوزف آٽيلا جي ٿي وئي آهي يا جيئن روسي، پول، چيڪ، سلاف، رومانيا ۽ اوڀر جرمنيءَ جي ڪميونسٽ شاعري ٿي وئي آهي. قدرت مون کي فيض، نرودا ۽ ناظم حڪمت وانگر ڪميونزم جي خاتمي کان اڳ ختم نہ ڪيو ۽ ان لاءِ وٿي ڏني تہ جو وقت مون اڳي ذري گهٽ ضايع ڪيو آهي، اُن وِٿيءَ ۾ تيز ٻرانگهون پائي ٽپي وڃان ۽ انهن ازلي مسائل سان ناتو پيدا ڪريان جو مون کي اڳ ڪرڻ گُهربو هو. سنڌ جا مسئلا پيا حل ٿيندا. منهنجو ڪم صوبي يا ديس جو نقشو ٺاهڻ نہ آهي. پنجاب ۾ بہ منهنجا ڪيئي دوست ۽ مداح آهن. رضيہ ۽ رفيق، جي احمد سليم جا گهرا دوست هيا، سي منهنجا بہ اهڙائي پيارا دوست ها، جهڙو ڪوبہ سنڌي دوست هجي. جڏهن مان وائيس چانسلر هوندو هوس ۽ اتفاق سان لاهور ويندو هوس تہ ڊاڪٽر جمال، مسز جمال، انهن جي ڌيءَ ياسمين ۽ اُنهيءَ جي ننڍي خوبصورت ڀيڻ، جن مان ڊاڪٽر جمال ۽ هن جون بہ ڌيئر پنجابيءَ ۾ شعر لکنديون هيون ۽ مسز جمال سرگرم سياسي ڪارڪن ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي مداح هئي، پنهنجي گهر منهنجون دعوتون ڪندا ها. اُنهن مان ايتري اُڪير ملندي هئي، جيتري محبوب، ماهتاب ۽ انهن جي ٻارن مان ملندي هئي، جن بہ ڪيئي ڀيرا پنهنجي گهر منهنجي دعوت ڪئي هئي. مان سياست ۾ ڪرامات جو قائل ٿي ويو آهيان،

جنهن ڪي مان Imponderable factors of History (تاريخ جا بعيد ازفهم عنصر) چوندو آهيان. گذريل ڪجهہ سال تہ واقعي سياسي ڪرامات جا سال ٿيا آهن ۽ انهن ۾ جو ڪجهہ ٿي گذريو آهي، ان جي چاهنا تہ ڪيتري وقت کان مون کي هئي، پر ان جو اچانڪپڻو چۆنڪائيندڙ آهي. جڻ ڪائنات ۾ ڪنهن سيٽي وڄائي ۽ سياسي ڪرامات جو سلسلو شروع ٿي ويو. ديوار برلن اچي پٽ تي ڪري. سوويت سامراج ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. نيلسن منڊيلا ستاويهن سالن جي قيد کان پوءِ آزاد ڪيو ويو ۽ سائوٿ آفريڪا ۾ سياه فام عوام لاءِ جمهوريت آڏي چڪو آهي. وڏي ۾ وڏي ڪرامت تہ اسرائيلين ۽ فلسطينين جي وچ ۾ معاهدو آهي، جو سيپٽمبر 1993ع ۾ ٿيو آهي، جڏهن تہ ان جي پيشنگوئي مون ”سورج مکيءَ سانجهہ“ جي مهاڳ ۾ 1 جون 1993ع تي ڪئي هئي، تڏهن سنڌ جو للو پنجو ٽنڊو ٽوپڻ انقلابي مون کي وطن دشمن ڪوٺڻ لڳا هئا، پر ڇا، جي ڀٽائي نادر شاهہ جي هجو لکي ها، يا ان ڳالهہ تي نوحو لکي ها جڏهن پورچوگيزن ٺٽي کي باهہ لڳائي يا قاضي قاضن جي عملن جي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڍي ها تہ هو ان ڪري وطن دوست ٿي پوي ها ۽ هن جي رسالي جي اهميت وڏي وڃي ها...؟

پيبلو نرودا، جو پنهنجي ڪميونزم نوازيءَ جي باوجود عظيم شاعر هو تنهن ميڪسيڪو جي مچو پچو اِنڪا ۽ مايا لوڪن کي ديس تہ ٺاهي ڪونہ ڏنو هو! ڇا جيڪڏهن امير خسرو جنگ ناما لکي ها (هن پنجن جنگين ۾ حصو ورتو هو) تہ هن جو قد و قامت وڏي وڃي ها؟! افسوس جو مون کي هن وانگر ڪنهن نظام الدين اولياءَ سان واسطو نہ پيو. جي بہ مليا، سي چاٽڪيہ جا چيلا هئا يا ميڪاولي- جا ڪانَ – مَليا[1] هئا!

پاڻ تي تنقيد جو مون ڪنهن کي بہ جواب نہ ڏنو آهي ۽ نہ ڪڏهن علامہ اقبال وانگر غصو آيو آهي، جنهن تہ چيو هو:

گفتند جہانِ ما آیا بہ تو می سازد
گفتم کہ می سازد گفتند کہ برہم زن

ترجمو: چيائون : ”ڇا اسان جو جهان توسان ٺهي هلي ٿو؟“

---

[1] ڪان – مليا (اردو): ڪن مان مر ڪيندڙ

مون جواب ڏنو تہ "نہ ٿو ٿهي. (ان تي ) چيائون" ان کي تهس نهس ڪر!"
مون کي يقين آهي تہ منهنجي هر دشمن جي نفس نفس ۾ قيامت آهي ۽ هو پاڻ ئي ڪٺہ ٿي ويندا. اڳي بہ تہ ائين ٿيو آهي ۽ منهنجي واهر ۾ وڃ ڪڙڪي پئي آهي! ڪٿي آهن اُهي آمر، بيوروڪريٽ، صحافي، اديب، شاگرد، رهنما ۽ منهنجن ڪتابن تي بندش وجهندڙ؟ جي ڪوئي رهيو آهي تہ ان جا ڪي چڱا اعمال پرجهلا هوندا، نہ تہ اڪثر تي وڄ ڪڙڪي، انهن جو نانءُ نشان مٽائي ڇڏيو آهي. آءٌ تہ پٽائيءَ جي رشد وهدايت تي هلي رهيو آهيان:

"صبر ۾ سَو سُک، جي سنواريا سمجهين"

مان جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر هوس تہ مون وٽ 330 فلسطيني شاگرد پڙهندا هئا، جن مان اڪثر تاريخ ۽ سياست کان ائين بي بهرا هوندا هئا، جيئن سنڌ جا نوجوان آهن، جي نڳيءَ جي ٺاهہ ۾ اڙجي ويا آهن ۽ سياسي نَوسربازن جي هٿ چڙهي ويا آهن. ڇا شاعر جو ڪم اهو آهي تہ مڃ ٻارڻ لاءِ ڪانين جون پريون ڊوئي! چون ٿا تہ هوچي منهہ ۽ مائو بہ شاعر هئا، مان چوان ٿو تہ اسان جو سانوڻ فقير بہ انهن کان چڱو شاعر هو. هو تہ شاعريءَ ۾ گهٽيا سگهڙ بہ نہ هئا. شاعري خلا ۾ نہ ٿي ٿئي. ان تي پنهنجي دؤر جو ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر ضرور آهي، پر شاعري نعري بازي نہ آهي، نہ بانگ درا آهي، نہ بانگِ رحيل آهي. پر مان هي ڪهڙي غصي جي ڪُن ۾ ڪريو آهيان. منهنجا همعصر تہ سؤ سال پوءِ اچڻا آهن. مان ڪِن تي چوهہ چنبي رهيو آهيان؟ اهي ماڻهو تہ ارڙهين اٺويهين صديءَ جا ماڻهو آهن ۽ ويهين صدي اچي پوري ٿي آهي!

ايوب خان کان يحيٰ خان ۽ ضياءُ الحق تائين صحيح معنيٰ ۾ وڏو انقلابي فقط شهيد ڀٽو هو ٻيا فقط لابي هئا. هن جي شهادت کان پوءِ هن جي ڌيءُ بغاوت جو علم بلند ڪيو.

باقي سورت البقره واري ڳالهہ دل سان لڳي ٿي تہ ماڻهو ٽن قسمن جا آهن، متقي، ڪافر ۽ منافق. منافق، ڪافرن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهن. هو "بظاهر مسلمانن سان ملن ٿا، پر در پرده ڪافرن سان ساز باز ڪن ٿا."

مان زندگيءَ ۾ ڪجهہ اهڙا منافق بہ ڏٺا آهن، جن کي ڀهاڙي وڇونءَ جيان ڏنگ آهي. هو ڪنهن وقت اها حماقت ضرور ڪندا آهن تہ چپ ڪي

ڏنگ هٽي، پاڻ کي ٿي ضرب رسائيندا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو پاڻ کي وچون نہ ”سنگ چور“ نانگ سمجهندا آهن. هو منهنجا گهٽگهراءِ واهرو هئا، جيستائين مان ڪفر ڏانهن مايل هوس، پر جڏهن کان ايمان ڏانهن راغب ٿيو آهيان، تڏهن کان هو منهنجا مَٽ گهرو ۽ ويري ٿي ويا آهن.

بهتر آهي تہ پالوا جا اک ۽ اُتان جا اڪوارا ڇڏي اڳتي وڌان. گهنگهور گهٽائون پاڻ ٿي پربيون آهن، آڪ تہ اُنهن ۾ اوبون نہ اوتيندا آهن! جيتري قدر ياد ٿو پوي اسان سال 1964ع ۾ ويا هياسين. 1965ع ۾ ڪانجهي ڪوٽ وٽ جنگ لڳي هئي. اُردو اخبارن اُن کي ڪنجر ڪوٽ لکيو هو. شايد هنن کي مير تقي مير جي بارش تي مثنويءَ جي سٽ ياد اچي رهي هئي:

”جيسے ڪنجر کهين ڪو جاتے هين“

جمال مون کي ٻڌايو هو تہ ان ڳوٺ جو نالو ڪينجهر ڪوٽ هو. سنڌيءَ ۾ محاورو آهي:

”فلاڻي وٽ ڪينجهر لڳا پيا آهن.“

يعني تہ هن وٽ مال متاع جي ڪمي نہ آهي.

پورو ياد نہ ٿو اچي. سفر جي سلسلي ۾ متي شايد غلطي ڪئي اٿم. پهريون اسان پالوا ويا هياسين ۽ پوءِ ننگر پارڪر ويا هياسين. جمال کي تہ ائين ٿو ياد اچي. جمال اهو بہ چيو تہ:

”پَٽُ تہ رات جو آيو هو باقي پنڊت ڏيو جي ٻئي ڏينهن تي آيو هو.“

هن وڌيڪ ياد ڏياريو تہ:

”سيٺ نهال چند هڪ ساڌوءَ جي آشرم ۾ وٺي هليو هو جنهن جي وڏي پڌر ۾ مور پٽي ڦريا.ساڌوءَ کي شڪنتلا جي گروءَ ڪِنو رشيءَ جهڙي اَچي ڏاڙهي هئي.“

مون پنهنجي شڪنتلا کي ياد ڪري، تڏو ساهہ پريو هو. ڪي ڪي يادگيريون مَچين وانگر ڇار جي ويجهو اچي ترڪي وڃن ٿيون. پوءِ ٻيءَ ڪنهن جي ڇار ۾ ڦاسن ٿيون. مون ۽ جمال ائين رڇ ڪوليو جيئن ستار خان رڇ ڪولايا ها. ستار خان کي سنڌوءَ ۾ مڇي مارڻ جو ٺيڪو هو ۽ هو مون کي اُتي وٺي هليو هو جتي مهاڻا پنهنجا پنهنجا رڇ ڪٽي تي آيا ۽ مڇي تورائي، هُن کان اُن جي ملهہ جا اَڌ پيسا ٿي وٺي ويا. مڇيون گهٽو ڪري پوئڪيون،

سينڱاريون، ڪڱا، ڏنيرا ۽ ٽيلهيون هيون. ڪيتريون ڪُرڙيون به هيون، جي سيني رڇن ۾ ڦٽڪي رهيون هيون. مونکي اهي ڏسي سياستدان چارلس ڊي ٽئلي ران (Charles de Tally rand-1754 to 1838) جو مادام دي استائيل (Madame de stael)جي باري ۾ قول ياد آيو هو:

”اهڙي چڱي دوست آهي، جا پنهنجا سارا واقفڪار پاڻيءَ ۾ ان لاءِ ڦٽي ڪندي آهي، جيئن اُنهن کي وري مڇين وانگر ڦاسائڻ جو مزو ماڻي سگهي.“

سنڌيءَ ۾ ڪيڏا نه مڇين جا نالا آهن! پر اهي مان ڪينجهر ۽ منڇر جي سير مهل قلمبند ڪندس.

پن چڪي ڏسي اسان محمود بيگڙي واري مسجد ڏسڻ وياسين، جتي ستين جا آستان هيا. ستين جا آستان ڇو هيا، اِن جي باري ۾ هرڪوئي پنهنجي قياس آرائي ڪري سگهي ٿو. ندوة المصنفين دهليءَ جي پروفيسر سيد ابوظفر ندويءَ جي ڇپايل ”تاريخ گجرات“ ۾ محمود بيگڙي جو ذڪر نه هو. ان ۾ سال 792هه ۽ اُن کان ڪجهه پوءِ ڪنهن به سال يا تاريخ جو ذڪر ٿيل نه هو پر رائچند جي ڪتاب ”تاريخ ريگستان“ موجب ”سال 880هه ۾ محمود بيگڙي سنڌ تي ٻي ڪاهه ڪئي هئي.“ هن ڪئپٽن ريڪس جي ”حالات ٿر ۽ ٿرپارڪر“ ۽ عربي تاريخ، ”مراة الممالڪ“ جو حوالو ڏنو آهي، جي ٻئي ڪتاب مون کي دستياب ٿي نه سگهيا آهن. رائچند ”تاريخ پارڪر“ ۾ صفحي 69 ۽ 70 (ڇاپو پهريو) تي لکيو آهي.

مون مٿيون سٽون پٺي لکيو ن ته هڪ سنڌي اخبار آئي. ڪنهن هومر کان شيلي تائين نالن جو سهارو وٺي، مون تي ڏگهي تنقيد ڪئي آهي. مون ڪِلي اخبار رکي ڇڏي. ڪُتو ڀونڪڻ نه ڇڏيندو ۽ فقير جي فطرت آهي ته رمندو رهي. ڇا اهو نقاد منهنجي جواب جو مستحق آهي؟ هو هومر ۽ شيليءَ جي نالي وٺڻ کان وڌيڪ ڄاڻ جو اهل هجي ها ته هن کي جواب ڏيان ها. مان اخبار رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽي ڪري وري پنهنجي ڪرت ڪار ۾ لڳي ٿو وڃان. ڪوئي فارسي شعر ٿو ياد اچي:

علی الصباح کہ مرداں بکار کار روند
بلا کشانِ محبت بہ کوئے یار رَوندَ

ترجمو: پرهه جو جڏهن مڙسالو پنهنجي پنهنجي ڪم سان وڃن ٿا،

پيار جا جاڪوڙي پنهنجي پريںءَ جي گهٽيءَ ڏانهن وڌن ٿا.

مٿي اخبار جو ذڪر هڪ دخل در معقولات آهي، جو مون ڪي وري نہ ڪرڻو آهي. مون ڪي وقت ٿورو آهي ۽ زندگيءَ تي اعتبار ڪونہ آهي، ان ڪري پاڻ کي اشتعال ڪان پاسي رکڻو آهي، ڇو تہ سياسي ۽ ادبي حريف مون کي مباحثي ۽ مناظري ۾ رُڌل رکي، منهنجيءَ تحرير ۾ رڪاوٽ وجهڻ چاهن ٿا. مان ڪين هلَ..... ڇٽي منگهارام اوجها جي ”پراڻو پارڪر“ مان هيٺيون حوالو نقل ڪريان ٿو:

”ڪئپٽن ريڪس پنهنجي ”حالاتِ ٿر ۽ پارڪر“ جي صفحي 10_11 ۽ 12 تي لکي ٿو:

”بلوچن جا چار هزار ڪٽنب پارڪر ۾ رهندا هئا. ظاهري نموني اُهي مارواڙ ۽ پالڻ پور جي حدن ۾ انن جا وڳر چاريندا هيا. پر موقعو ملڻ تي گجرات ڏانهن ويندڙ قافلن کي ڦريندا هيا. اِهو مال اچي ٿر جي پِٽُن ۽ ڏرڙن ۾ لڪائيندا ها ۽ پوءِ گُجرن، سولنڪين ۽ ڪڇ جي جاڙيجن کي ڏاڙي جو مال نيڪال ڪندا هيا ۽ وقت جي حاڪمن سان موقعو پائي جنگيون ڪندا ها. سندن برخلاف دهليءَ تي تغلق بادشاهن کي دانهون پهتيون هُيون، پر انهن کي ايتري فرصت ڪانہ هئي، جو ڪين سيکت ڏِين. سلطان جي ڪوتوال جلال الدين کي هنن ڏاڍو تنگ ڪيو. تنهنڪري محمود بيگڙو 1504ع ۾ پارڪر تي ڪاهي آيو؟

پيو سيد علي رئيس 1504ع ۾ پارڪر مان لنگهيو هو. سو پنهنجي ڪتاب ”مراة الممالڪ“ ۾ لکي ٿو تہ:

”اسان جي پارٽي ڏهن مهينن جي سفر بعد راجپوتانا جي شهر ننگرپارڪر پهتي، جتي راجپوتن اسان ڪان ڪسٽم وٺڻ ڪانپوءِ وڙهڻ شروع ڪيو. اُنهن کي اسان وٽان پئسن وٺڻ جي نيت هئي. پوءِ جڏهن اسان ڪجهہ ڏنو تڏهن اسان کي ويڃڻ جي اجازت ڏنائون.“ انهن ڳالهين مان ثابت آهي تہ پارڪر جي سوڍن ۽ ڪوسن جو عام ڌندو ڌاڙا هوئي هو. هڪڙي ڏينهن سلطان محمود بيگڙي جي والده پوڙيسر وٽ اچي ٽِڪي. سوڍن انهيءَ ڪان ڪسٽم ورتو ۽ ڪي ڇون ٿا تہ انهيءَ وٽ پارس مٽي هئي، جا سوڍن ڦري ورتي. بيگڙي جي والده جڏهن احمد آباد آئي، تڏهن هن سڀ ڳالهہ جي سُڌ بيگڙي کي ڏني. تڏهن هو ٽيون دفعو سن 1505ع برابر سنبت 1562 برابر 880

هجريءَ ۾ پوڊيسر تي ڪاهي آيو. خونخوار لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪيترائي سلطان جا ماڻهو ۽ ڪيترا سوڍا مارجي ويا. تن جون مسجد جي پاسي ۾ ڪيتريون قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پوءِ محمود شاهہ هڪ سنگ مرمر جي عاليشان مسجد نهرائي، جنهن جي ڏيگهہ ۽ ويڪر ٽيهہ فوٽ آهي. اڏاوت جو اهو نمونو بهترين آهي. اندر فارسيءَ ۾ لکيل آهي:

”محمد شاهہ بن مظفر شاهہ بن غياث الدين سن 1505ع هيٺ “سنبت 1562“ گجراتيءَ ۾ لکيل آهي:

۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهي:

”جيڪڏهن مسجد زخمي ٿي پوي تہ وقت جي حاڪم تي اهو فرض عايد ٿئي ٿو تہ اُن کي درست ڪرائي.“

اسان اها مسجد ۽ قبرون بہ ڏٺيون.

”سلطان محمود غزنويءَ جي وفات کانپوءِ سندس يونين جي ڪمزوري ڏسي، راجپوت راجائن وقت بوقت سنڌ ۽ پنجاب تي ڪاهون ڪرڻ شروع ڪيون. غزنويءَ دور ۾ دهليءَ تي تومارن، اجمير جي چوهاڻن، قنوج جي راٺوڙن ۽ گجرات جي واگهيلن جي حڪومت هئي. محمود غزنويءَ کان پوءِ گجرات جي حاڪم ڀيم، پارڪر کان ٿي، ساري سنڌ تي قبضو ڪري ورتو هو.“

ان کانپوءِ منگهارام اوجها گجراتي ’پريم مالا‘ مان ڪيترا شعر پيش ڪيا آهن، جن ۾ آخري شعر آهي:

”سنياريو نج راج، اچي پاٽڻ ۾ ڀيمي،
پوءِ ڪيو هي ڪاج، ”سنڌ ديش“ قبضي ڪيو.“

سنڌ جي باري ۾ ”سنڌ ديش“ لفظ ڪسابن کان ڪم ايندو آيو آهي، جيئن پنجاب لاءِ ديس پنجاب ڪم ايندو آهي. اها ئي ڳالهہ آهي بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ لفظ ”ديش“ يا ”ديس“ کي ئي تخريبي لفظ ۽ علحدگيءَ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو.

ڪيڏي نہ ضرورت آهي سنڌ جي هڪ مستند تاريخ جي! لئمبرڪ جي ٻن جلدن کانپوءِ جيڪي ڪجهہ ڇپيو آهي، اُن کي سند طور استعمال ڪري نہ ٿو سگهجي. مون کي سمير جي تاريخ پڙهي معلوم ٿيو تہ سمير جو

شهر اُر (Ur)، جنهن کي هڪ تجلي دار پهاڙ وانگر ناهيو ويو هو اُن کي 2006 ق. م ۾ تلف تاراج ڪيو ويو هو ۽ ڪيئي سال پوءِ جڏهن اُن جي تعمير ڪئي وئي، تڏهن سُمير جا رهاڪو اُن جي تباهيءَ کي ياد ڪندا ها ۽ ان تباهيءَ کي قومي الميو سمجهندا ۽ جهونگاريندا هيا:

”اُر - اُن جا هيٺا ۽ ڏاڏا ماڻهو سڀ ناس ٿي ويا،

مائُر ۽ پيئُر، جن پنهنجا گهر گهاٽ نہ ڇڏيا،

انهن کي باهيون ڏنيون ويون.

ابهم، جي مائن جي گود ۾ پيا ها، اُهي ائين مٽايا ويا

جيئن مڇيون ٻوڏِ مِٽائي ڇڏيندي آهي.

شهر ۾ گهرداريءَ کي تياڳ ڪيو ويو

پُٽ کي تياڳ ڪيو ويو ۽ سروسامان ٽڙيو

پکڙيو پيو هو

اونئنا! اُر کي تباهہ ڪيو ويو آهي ۽ اُن جي ماڻهن کي ڪڍي ڇڏيو ويو آهي.“

مير تقي مير دليءَ جي باري ۾ شهر آشوب لکيو هو:

دلی کہ ایک تھا عالم میں انتخاب

ہم رہنے والے ہیں اُسی اُجڑے دیار کے.

دهليءَ کي ٽي ڀيرا اجاڙيو ويو. تيمور جي ڪاهہ وقت، نادرشاهہ جي ڪاهہ وقت ۽ 1857ع جي بلوي وقت. سنڌ کي بہ ڪيئي ڀيرا اُجاڙيو ويو آهي، پر سنڌي قوم ۽ اُن جي تهذيب کي ريڊ انڊين، آسٽريليا جي مائوري ۽ آفريقا جي ڪن قومن ۽ تهذيبن وانگر اڃا ڪوئي، مٽائي نہ سگهيو آهي.

قديم سنڌ جي تاريخ ڀيرومل مهر چند تي ٻيهجي وئي آهي. ڪيتري نہ محنت ڪئي آهي هُن شخص! پر ان ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ سياست سنڌ کي گِرڻ وانگر ڳهي وئي آهي ۽ اُن ۾ تحقيق ۽ تجسس جو جذبو وقتي طور سلب ڪري ڇڏيو اٿائين. سنڌ وري اُڀرندي، ڇو تہ اُن کي ڪوئي ناس ڪري نٿو سگهي. ڇا اهڙو ديس ناس ٿي سگهي ٿو. جنهن جو اُن ۾ ويساهہ هجي تہ:

”جيئن گانين جا رنگ نرالا آهن، پر سڀ گانيون ساڳيو اڇو کير ڏين

ٿيون، تيئن مذهب توڙي نرالا آهن، تہ بہ مقصد هڪڙو ئي اٿن.“

برصغير جي هر تاريخ موهن جي دڙي سان شروع ٿئي ٿي ۽ سنڌ کان سواءِ اها لکي نہ ٿي سگهجي. اسان جو مسلم عقيدو آهي:

رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا

(رب! منهنجي علم ۾ اضافو ڪر)

مون کي يقين آهي تہ سنڌ جي باري ۾ اجا ڪيئي محقق پيدا ٿيندا، جي اُن جي تاريخ تي وڌيڪ روشني وجهندا. في الحال تہ پيرومل مهرچند جو ”قديم سنڌ“ پڙهي ڪنهن بروچ جي باري ۾ جمال جو ٻڌايل لطيفو ٿو ياد اچي:

ڪنهن بروچ کان پُڇيائون تہ: ”پرڻيو آهين؟“

جواب ڏنائين: ”ٻچ ٻي گئي.“

پوڙيسر وٽ ڪوس ٿيو هو. اُتي ستين جون ڏيوريون هيون. اها جاءِ اسان ننگرپارڪر مان ويندي ڏٺي هئي يا ننگر پارڪر ڏانهن ايندي ڏٺي هئي، ياد نہ آهي، بهرصورت جڏهن مان نمگرپارڪر کا ڇاڇري ڏانهن وڃي رهيو هوس، تڏهن جمال جي پرسان ويٺو هوس ۽ هُن سان ڪچهري ٿي ڪيم. جمال اصل سانگي ابڙو آهي. سانگين جو ڳوٺ ميهڙ ۾ آهي. هڪ پيري هو ڪراچيءَ وڃي رهيو هو. ڳوٺ کان ميهڙ تائين بيل گاڏيءَ تي پهتو، جتان بس راڌڻ ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڃي رهي هئي ۽ راڌڻ وٽان هن کي ريل ۾ ڪراچيءَ وڃڻو هو. رستي تي مِٽي، جهولو ۽ گرمي هئي ۽ هُن کي بک بہ لڳي هئي. بس ۾ گپاگيهہ بہ هئي ۽ راڌڻ ڏانهن رستي تي ڪافي ڊسڻ هئي. ڏُور ڏُور تائين رستي تي ڪنهن بہ وڻ جي ڇانوَ ڪونہ هئي. جمال ٻڌايو تہ هن پليٽ فارم تي دوستن سان الله جي وڏي واڪ شڪايت ڪئي. اِن تي هڪ اڻ پڙهيل ڳوناڻيءَ مائيءَ چيس،

”ادا منهنجي ڳالهہ ٻڌ! اِهي جُتيون ماڻهو ڪن تا ڪن يا الله ٿو ڪري؟“

جمال مون کي چيو تہ:

”هُن عورت اهو چئي مون کي لاجواب ڪري ڇڏيو.“

جڻ اڄ تائين سندس اهو سياسي فلسفو ٿي ويو آهي. جمال هڪ ڪهاڻيڪار آهي. هن جو زندگيءَ جو تجربو ايترو وسيع آهي ۽ هُن ۾ انسان شناسي ايتري گهري آهي، جو جيڪڏهن هُن جو هٿ خراب نہ ٿئي ها تہ هو ٽالسٽاءِ جيتريون ڪهاڻيون لکي وڃي ها.

هُن جو والد مرحوم علي خان ابڙو ايڊيو ڪيشنل انسپيڪٽر (E.I) هيو. ان وقت سنڌ بامبي پريزيڊنسيءَ ۾ هئي. هو مئٽرڪ ۾ بي. اي ۾ سڄي پريزيڊنسيءَ ۾ پهريون نمبر آيو هو. شروع کان هو مذهبي ماڻهو هو. هن جي پيءُ جو جمال جي مذهبيت تي گهرو اثر آهي. هونءَ مون سان اڪثر اهڙا ترقي پسند دوست مليا آهن، جن سان فيڊرڪ نتشي جي هيٺين چوٽي ٺهڪي اچي ٿي:

”مان جڏهن ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ سان هٿ ملائيندو آهيان، تڏهن هٿ ڌوئي ڇڏيندو آهيان.“

هو ڪارل مارڪس وانگر ان ڳالهہ ۾ اعتبار ڪندا آهن:

”مذهب مظلوم جو تڏو ساهہ آهي... عوام لاءِ آفيم آهي.“ ۽ مان پاسڪل (Paskal) وانگر چوندو آهيان: ”ماڻهو مذهب کي ڌڪارن ٿا، اُن کان نفرت ڪن ٿا ۽ پوءِ ڏرن ٿا تہ اُهو سچو نڪري نہ پوي!“

جمال پنهنجي مرحوم پيءُ لاءِ وڏيڪ ٻڌايو تہ جڏهن هُن ايم. اي ڪئي، تڏهن هُن کان پڇيائون تہ، ”ڇا ٿيندين؟“ جواب ڏنائين تہ ”ماستر ٿيندس.“ تنهن وقت ۾ درس تدريس کي عبادت سمجهيو ويندو هو. مان خود پنهنجي هر استاد سان پيرين پئي ملندو هوس. جمال ٻڌايو تہ رحلت کان اڳ جڏهن هن جي پيءُ کي چيائون تہ ”ڪلمو پڙهہ“ جواب ڏنائين، ”ڪلمي لاءِ تہ سڄي حياتي هُئي. هي تہ بيڪاريءَ جو وقت آهي ۽ ان ۾ ڪلمي تي عمل نہ ٿو ٿي سگهي.“ اهو ٻڌي هن جي وڏي ڀيڻ کيس چيو تہ، ”ادا! پوءِ بہ ڪلمي پڙهڻ ۾ ڪوئي عيب تہ ڪونهي.“ چيائينس تہ، ”چڱو آءٌ پڙهان ٿو رَبنا، اِننا، آمنا، فغفرلنا ذُنوبنا وَقنا عذابَ النّار. (اي منهنجا رب! تحقيق توتي ايمان آندم. منهنجا گناهہ بخش ۽ باهہ جي عذاب کان بچاءِ)“ ۽ پوءِ ڪلي چيائين ”هاڻي تہ بس!“ بعد ۾ سيني پٽن کي سڏي چيائين، ”ماءُ جي عزت ڪجو. گهر مٿ محبت سان هلائجو ۽ جيڪڏهن اوهان ۾ ڪوئي اختلاف ٿئي تہ ڪنهن وچ واري دوست کي ٻڌائجو.“ جڏهن هن جا پُٽ سندس ڪمري کان ٻاهر نڪتا تہ اکيون کٽي بند ڪيائين. مون جمال کي انهيءَ مشوري تي توڙ تائين ڪاربند ڏٺو آهي. جمال جي گهري مذهبيت ۽ صوم وصلوات جي پابنديءَ جي باوجود مون هن ۾ ڪوئي تعصب نہ ڏٺو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن مذهب يا فرقي لاءِ نفرت ڏٺي آهي. هو حافظ شيرازيءَ جي هيٺئين شعر جو مجسم مثال آهي:

رَوند گانِ رہِ عشق را طریقہ مجوی
کہ آستین بفشانند کفرو ایمان را

عشق جي راهہ تي ويڃڻ وارن جو طريقو نہ ڳول،
هو تہ پنهنجي پاند مان ڪفر ۽ ايمان کي ڇنڊي ڇڏيندا آهن.

مرحوم علي خان ابڙو بہ اُن دور جي ادب جو دلداده هيو. شيڪسپيئر ۽ پوپ هن جا پسنديده اديب ها. جمال وڏيڪ ٻڌايو تہ سندس والده پنهنجي مڙس جي وفات کان پوءِ بہ ڏهاڪو سال جيئري هئي ۽ ان وقت لاڙڪاڻي ۾ رهندي هئي. هندو عورتن جو هن وٽ ميڙو هوندو هو ۽ اهي چونديون هيون تہ "جمال ماءُ آهي تہ مسلمان، پر هُن جي آتما هندو آهي." خود جمال جي پيءُ جا هندن سان پيائپيءَ وارا تعلقات هوندا ها. جمال نِنڍپڻ کي سارينڌي ٻڌايو تہ هو گهڻو ڪري پنهنجي پيءُ سان گڏ هوندو هو ۽ جڏهن پنجن سالن جو هو تہ هن سان اُٺ تي هيلهہ ويندو هو ۽ ماڻهو چوندا ها "اوهان کي اصحابي ڏسڻو هجي تہ علي خان کي ڏسو!"

مون جمال کي وڌيڪ ڪوتي، هن جي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ پڇيو. اج تائين مون لاءِ عاشقي زندگيءَ جو اهم ترين حصو آهي. ماڻهو چوندا آهن تہ مجاز حقيقت جي پُل آهي ۽ مان چوندو آهيان تہ حقيقت مجاز جي پُل آهي. خدا جَڏهن انسان جي جامي ۾ اچي ٿو تہ ڪائنات جي هر اسرار کان وڌيڪ پراسرار ۽ پيارو محسوس ٿئي ٿو. پيار ۾ انسان کي فرشتي وانگر پَرَ نڪرن ٿا ۽ ڪروبي اُن گفتگوءَ لاءِ ڳنائِن ٿا، جا پيار ۾ بہ ماڻهو هڪٻئي سان ڳن ٿا.

مون ڄامشوري ۾ ڏٺو هو تہ چنڊ ڪيئن گل مهر جي وڻ هيٺان مون کي ڪنهن سان بيٺل ڏسي، ڳهٽائن ۾ ڇُپي ويندو هو جيئن اسان جي خلوت ۾ مُخل نہ ٿئي! ڪيئن مان رات جي راڻيءَ جي خوشبوءَ کي هن لاءِ پيغام ڏيندو هوس! خوشبو جهڙو پيامي ڪوئي نہ آهي. پنيرڪي جو اُها رابيل جي گل مان نڪري پنڌ پوندي هئي. پيار ۾ انسان ڪائنات کان بہ وڏو آهي، ڪائنات تہ اُن جي هڪ ڪُنڊ بہ نہ ٿي والاري سگهي. جمال آهي تہ ڪم گو هن جي پنهنجي زال سان ڏاڍي دل هُئي، جنهن کي هو دنيا جي خوبصورت ترين عورت سمجهندو هو. پر هن شادي کان اڳ عشق ڪيو هو جنهن کي انگريزي ۾ Platonic Love چوندا آهن. هُن جو نالو نہ ٻڌايائين، باقي ايترو چيائين تہ اُها ڇوڪري هن جي پاڙي کان پري رهندي هئي، پر هئي ساڳي

گورنمينٽ اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هيا. هڪ ڀيري ٻنهي جون اکيون مليون تہ جمال جي ڪائنات بدلجي وئي. جمال جي اندر ۾ افسانہ نويس جاڳي پيو ۽ هُن وڏيڪ چيو تہ:

”ان وقت چڻ وڻ، گل، ستارا، سارا عناصر ڳالهائي رهيا ها. منهنجي عمر تنهن وقت چوڏنهن، پندرنهن سال هئي. اها محبت ٻارنهن سال هلي. مئٽرڪ ڪانپوءِ هن پردو ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. هوءَ هاڻي چوهٽ سالن جي آهي ۽ شادي نہ ڪئي اٿائين مون ”پشو پاشا“ جو انتساب هُن سان ڪيو آهي.“

اهي اکر لکڻ وقت مان جمال جو پشو پاشا جو ٻيو ڇاپو ڪڍي ڏسان ٿو جنهن تي ابراهيم جويي جو مهاڳ لکيل آهي. اهو انتساب ڄڻ هڪ چوڏهين پندرهين ورهئين جي ڇوڪري جو لکيل آهي ۽ جمال جي زندگي افسانو آهي، جنهن جو ڄڻ سرورق ڦاٽي پيو آهي ۽ پويون ورق اجا لکيو نہ ويو آهي. اها ڳالهہ ٻڌي، مون کي ياد آيو تہ جڏهن رائيٽرس گلڊ جي پهرين اجلاس تي D.C 10 جهاز ۾ ڍاڪا وڃي رهيا هياسين، تڏهن اردوءَ جو افسانا نويس علي عباس، جو اُردوءَ جي مشهور ڪتاب ”آننديِ“ جو مصنف آهي، اسان سان هوائي جهاز ۾ گڏ هو. تن ڏينهن ۾ وسڪيءَ تي بندش نہ هئي ۽ گهڻا گلڊ جا مندوب (ڊيلي گيٽ) ٻي ٽين بجي رات تائين وِسڪي پي رهيا هياسين. اوچتو اعجاز بٽالويءَ رڙ ڪئي ”حادثو! حادثو!“ منهنجو ڇرڪ نڪري ويو. علي عباس مدهوشيءَ جي عالم ۾ هو ۽ پنڊيءَ جي ڪنهن ڳاڻيءَ هيراٻائيءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو هو جنهن سان هن جو ڪافي وقت لاءِ پيار هو. (ڪجهہ وقت اڳ مون کي هيرا ٻائيءَ جو ڪئسيٽ ڪراچيءَ ۾ مليو. اُن جي ٻاهران هن جو پيريءَ جو فوٽو هو، جو جاذب نہ هيو.) پر جمال جي پيار تي ڪيڏو نہ پاڪيزگيءَ جو غلاف پيل هو!

جمال کي 1967ع ۾ هارٽ اٽئڪ ٿي هئي ۽ هن جي زال حيدرآباد واري سول اسپتال ۾ پنجاهہ ڏينهن هن جي پرسان پَٽ تي سُتي هئي. جمال هُن جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي، ڊاپي نہ ٿي ڊاپيو. ”اوهان وڃو عهدي ۾ وڏا ٿيندا، اسان وڃون گهٽبا. جڏهن سب جج هُيئہ تہ ننڍي تعلقي ۾ ڊاڪٽر کي گهرائبو هو تہ هليو ايندو هو. ڪپڙي لٽي لاءِ بجاجي گهر ايندا ها. هاڻي وڏا آفيسر ٿيا آهيو تہ ڇليون ڪٽي مارڪيٽ ۾ خريداريءَ لاءِ مان ٿي وڃان. توهان وڃو ٿا وڏا ٿيندا، اسان وڃون ٿا ننڍا ٿيندا.“ هوءَ جمال کي چوندي

هئي. هر انسان پنهنجو داستان گو پاڻ آهي هو ٻئي انسان جو داستان ايستائين صحيح ٻڌائي سگهي ٿو جيستائين اهو هن جي داستان جو حصو آهي. هونءَ تہ خود نوشت ئي صحيح سرگذشت آهي، پر ان ۾ پنهنجي عيب فراموشيءَ ۽ پنهنجي ذات جي باري ۾ خوش فهميءَ جو خطرو آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جو معروضي تجربو ناممڪن تہ نہ آهي، پر ايترو ممڪن بہ نہ آهي. جمال جي هڪ نياڻي ايتري حساس هئي، جو هن کي Psychic چئي سگهجي ٿو. مان جڏهن وائيس چانسلر هوس، تڏهن جمال کي سنڊيڪيٽ تي منهنجي گذارش تي کنيو ويو هو ڇوتہ ٽي ميمبر وائيس چانسلر جي چوڻ تي کنيا ويندا هئا ۽ مون جمال، سراج ۽ نثار ميمڻ سنڊيڪيٽ لاءِ چونڊيا هئا ۽ هو ٽي سال سنڊيڪيٽ جي هر ميٽنگ ۾ ايندا رهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ جمال ليبر ڪورٽ جو جج هو ۽ مان جڏهن ڪراچيءَ ايندو هوس تہ هن جي فليٽ تي ويندو هوس. سندس نياڻي مون کي اوجها بورڊ (Oijha Board) تي منهنجي باري ۾ ڪجھ ڳالهيون ٻڌايون هيون، جي هن يا ٻئي ڪنهن جي لاءِ ڄاڻڻ ناممڪن هيون. ائين ٿي لڳو عالمِ ارواح مان هُن سان ڪنهن ڳالهايو ٿي. ڪجھ مهينا پوءِ جمال مون کي ٻڌايو تہ هن پنهنجي نياڻيءَ کي اوجها بورڊ تي عالمِ ارواح سان رابطي کان منع ڪئي هئي. جمال چواڻي اهڙي رابطي جا ڪنهن وقت خطرناڪ نتيجا پئي ٿي سگهيا.

جمال جي زال جو نالو نور النساءِ هو. هن کي ٻن چئن سالن کان انجائنا جي تڪليف هئي. 24 مارچ 1991ع جو جيئن هوءَ ماني کائي ليٽي پئي، تيئن اوچتو دل ۾ سور پيس . جمال کيس آئسوڊرل فائيو(Isodril five) ڇپ هيٺان رکائي. ان تي اثر نہ ٿيو ۽ ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽيٽيوٽ تائين ئي نہ پڄي سگهي ۽ رستي تي گذاري وئي. هن کي پٺ ايمبولينس تي کڻائي ويا ۽ جمال هُن جو انسٽيٽيوٽ جي در تي انتظار ٿي ڪيو. اهو انتظار ابدي ٿي ويو. جمال جڏهن هن جون ڳالهيون ٿي ڪيون تہ مون کي ڪنهن نامعلوم شاعر جو فارسي شعر ياد ٿي آيو:

دامانِ نظر تنگ و گُلِ حسنِ تو بسيار
گلچين نظر از تنگئِ دامانِ گلہ دارد

ترجمو: نظر جو پاند سوڙهو آهي ۽ تنهنجيءَ سونهن جا گُل سوين آهن،

(منهنجي) نظر تنهنجي سونهن جا گل پٽي ٿي تہ ان کي پاند جي

سوڙهي هجڻ تي چڙ ٿي اچي.

بقول جمال، هن جي زندگي پاڪدامن رهي آهي. شاديءَ کان اڳ، هن جي تربيت لاءِ هن جي وڏي ڀاءُ شمس ۽ عبد الوحيد ڪٽپر (شهيد ڀٽي جي دؤر ۾ صوبائي وزير، جو ڪجهہ مهينا ڪراچيءَ ۾ روپ ولاس هاسٽل ۾ مون سان گڏ رهندو هو جڏهن ايل.ايل.بي پڙهندا هئاسين) ڪائي ڇوڪري هن سان ڪمري ۾ بند ڪري، ٻاهران ڪڙو ڏيئي ڇڏيو. ڇوڪريءَ رئو لاهي ڪٽ تي رکيو ۽ پيار لاءِ تيار ٿي وئي. جمال اهو رئو کڻي مٿي تي رکيس تہ هن ڪڙو کڙڪايو ۽ جڏهن دروازو کليو تڏهن ٻاهر هلي وئي ۽ چيائين: "هي تہ رئو ٿو مٿي تي رکي." مون کي اهو ٻڌي جمال تي افسوس ٿيو. گهٽ ۾ گهٽ اهلِ نظر جي آبرو تہ رکي ها!

جمال جو وڏيڪ احوال تڏهن لکندس، جڏهن شاگرديءَ واري زماني ۾ اسان جي ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي هئي ۽ ساڳين هاسٽلن ۾ رهيا هئاسين.

في الحال مون وٽ اهو جمال واپس ٿو اچي، جنهن سان ننگر پارڪر کان ڇاڇري موٽي رهيا هئاسين. هو اڳي وانگر اڄ تائين حيدرآباد جي ڊي جي. نيشنل ڪاليج جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي، جتي هن انٽرميڊئٽ تائين تعليم ورتي هئي ۽ پارواڻي هن جو پروفيسر ۽ پرنسپال هو. پارواڻي هڪ ڀيري ليڪچر ڪندي "ڪلچر" لفظ آندو جنهن تي جمال پڇيس تہ ڪلچر ڇا آهي؟ تہ هن ٿورو سوچي جواب ڏنو:

"When you have learnt all and forgotten it,the residue that remains, is culture."

ترجمو: (جڏهن اوهان سڀ سکيو آهي ۽ پوءِ اُن کي وساري ڇڏيو آهي، تڏهن باقي جيڪو بچيو آهي، سو ڪلچر آهي.)

جمال جڏهن اها ڳالهہ مقتدره قومي زبان جي سربراهہ جميل جالبيءَ کي ٻڌائي تہ هن کيس چيو "مهرباني ڪري اِها تہ لکي ڏيو."

"پارواڻي مانجهند جي سيئين مان هو." جمال ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو: "ڏينهن جو فل سوٽ پائيندو هو ۽ شام جو گيڙو رتي الفي پائي، يڪتارو هٿ ۾ کڻي، ڦليليءَ جي ڪناري تي ويندو هو. ان وقت مها سيائي ۽ جن سنگي تحريڪ شروع ٿي هئي. مسلمان هيرآباد ۾ شام جو گهمڻ لاءِ نہ نڪرندا هئا، باقي عاملياڻيون اسڪرٽ پائي گهمڻ نڪرنديون هيون."

اوچتو منهنجو خيال مرحوم مير رسول بخش ڏانهن ويو. ايوب خان جي آرڊر هيٺ مان پٽي صاحب سان گڏ ساهيوال جيل ۾ رکيو ويو هوس ۽ مير رسول بخش کي گجرات جيل ۾ رکيو هيائون. جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اسان ٻنهي جي رٽ پٽيشن جي شنوائي ويجهي آئي هئي، تڏهن اسان ٻنهي کي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ منتقل ڪيو هيائون. اتي هنن اسان کي ساڳيو وارڊ ڏنو هو جنهن ۾ اسان ٻہ ڄڻا ۽ اسان جو برداشتي رکيو ويو هو جو سي. آءِ. ڊي جو ايجنٽ هو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ هڪ سنڌي ڊاڪٽر اسان وٽ آيو جو مير صاحب جو دوست ۽ منهنجو واقف هو. هو مثالي سنڌي مڙس ماڻهو هو. مان پانيان تہ سنڌي پهاڪو "ڦوڪ تہ لڳي آنبرين". هن جي سياءَ جو حصو تي چڪو هو. هو پنهنجي دوائن جي باڪس ۾ اسان لاءِ هِڪو ٻئي ڏينهن اسڪاچ وسڪيءَ جي بوتل ڪٽي ايندو هو جا مان ۽ مير صاحب هَئو مَئو تاري پيئندا هئاسين. مير صاحب جڏهن مدهوشيءَ ۾ ايندو هو تڏهن چوندو هو "گنگا! او گنگا! ڪيڏانهن هلي وئي آهين؟"

گنگا حيدرآباد جي عاملياڻي هئي، جا مير صاحب جي جوانيءَ جي منظورِ نظر هئي. "مير صاحب"، مان چوندو هوس، "گنگا وڃي واراڻسيءَ نڪتي، جتان جي هئي." "اهو واراڻسي ڇا آهي؟" مير صاحب پڇندو هو. "وراڻسي اهو شهر آهي، جنهن تي غالب فارسيءَ ۾ مثنوي لکي هئي. رگوان ۾ واراڻسي نہ. بنارس لفظ ڪم آندو هئائين." "غالب! ڪهڙو غالب! جالب جي ڳالهہ ڪر" مير صاحب چوندو هو ۽ پوءِ حبيب جالب جو اُنهيءَ دؤر ۾ لکيل غزل جهونگاريندو هو:

> جنگ کو تیز کر ذوالفقار علی،
> رات ہے مختصر، اَب ڈھلی، اب ڈھلی.

عاملياڻين جي ڳالهہ نڪتي تہ مون کي مير صاحب جي مٿين ڳالهہ ياد آئي. هن جو وڌيڪ احوال مناسب جاءِ تي لکندس.

مون پاڪستان کان پوءِ عامليانيون ڪافي تعداد ۾ هن پيري پوني ۾ ڏٺيون هيون. ريٽا شهاڻي، مون کي جڏهن دادا واسواڻيءَ جي گادي نشين، جشن واسواڻيءَ جي رٿ ياترا ڏيکاري هئي. دادا جشن کي مون وَرت. هو. هو ڏاڪٽ مان لهي رهيو هو. جڏهن هن کي ٻڌايو ويو تہ مان فلاڻو آهيان تڏهن

هن جواب تہ نہ ڏنو پر هُن ۾ نمرتا ايتري هئي، جو هُن بہ پيرا جُهڪي منهنجا پير ڇُهيا. مون کي محسوس ٿيو تہ سنڌي مسلمان ڇوڪريون عامليائين کان وڌيڪ سُهڻيون آهن! گهٽ ۾ گهٽ جيڪي منهنجي زندگيءَ ۾ آيون آهن، اُنهن جي مَتِ تہ هڪ بہ نہ هئي. (ممڪن آهي تہ اهو منهنجي نظر جو فريب هجي.) سال 1968ع ۾ مون حميد سنڌيءَ کي هڪ خط لکيو هو جو هن "لامون تنهن وَڻ سنديون" جي سَري هيٺ پنهنجي رسالي "رُوح رهاڻ" ۾ شايع ڪيو هو جنهن ۾ اسان جي ننگر پارڪر مان ڇاڇري ڏانهن سفر جي باري ۾ هيٺينءَ ريت لکيل آهي:

"اسان جنهن وقت ٿر جي سفر تان موٽي رهيا هياسين، تنهن وقت اسان کي بہ سواريون هُيون ۽ ڇاڇري وَٽ ٻنهي جا ڦيٽا پنڪچر ٿي پيا ها. ڊرائيور پنڪچر ڳنڍي رهيا ها تہ سج لهي ويو هو. واريءَ تي ڪنڊيءَ ۽ نم جا وڻ سنجها جي پرڇائينءَ ۾ ڏرتيءَ ديول جا پروهت ٿي لڳا. ان وقت مون واريءَ تي بہ اَڪ مڪڙ ڏٺا ها، جي شفق جهڙا رنگين هئا ۽ هڪٻئي جي ڪڍ ٽپا ڏئي رهيا هئا، ڄڻ جيئري هائڪوءَ وانگر ٿي لڳا. انهن کان پرڀرو هڪ پونگيءَ جي ٻاهران ڪائي جوڀون ونت مينگهواڙ دانگيءَ تي ٻاجهريءَ جو ڍوڍو پچائي رهي هئي ۽ هن جا ٻارڙا هُن جي پرسان ڪُڏڪي رهيا هُيا. مينگهواڙ کي پولڪو ۽ ڳاڙهو پَڙو پيو هو ۽ مانيءَ اٽلائڻ وقت هن جي ٻانهينءَ ڪڙ ڪڙ ٿي ڪئي. ٻڪايل ٻارن لاءِ مامتا جي ايتري انيوءَ ۽ اڌ پڪيءَ مانيءَ جي اُڪنڊيءَ اُتل، هن جي چهري تي هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ڪئي هئي. مون ٿر ۾اِها ڪيفيت اُتي ڏٺي هئي، جتي آڳر ۾ ڪجهہ اَن ڪٺا هيا. ڇا سومرا سر جون تريڇاڻيون، ڇا ٻجيراٽيون – سيني جي سورج ونسي سونهن، گهڻو ڪري گهوماتيل نظر آئي هئي، ڇو تہ ڇوڏاري اَن جي اٽاٽ هئي. (اَن جي اٽاٽ جي باري ۾ ڪنهن ٿريءَ هڪ درد انگيز جملو چيو هو جو مون کان وسري نہ ٿو وسري "سائين ڪٽڪ تہ ميوو آهي، اسان کي تہ اَن بہ نہ ٿو ملي! اَن مان هن جي مراد ٻُرت مُرت وغيره گاهن جا داڻا ها.)"

اسان ڇاڇري، مان رات جو نائين ٻجي عمرڪوٽ ڏانهن روانا ٿيا هياسين. ٻڍي جي چوڏهين رات هئي ۽ چانڊوڪيءَ جي پاڳر ۾ واريءَ سومل جي ڏِک ٿي ڏني. انهيءَ مينگهواڙِ جي سڀاجهڙي صورت وَري وَري منهنجي اکين اڳيان ٿي آئي ۽ مون سوچيو تہ سگهي عورت ماني پچائيندي

کهڙي نہ پياري ٿي لڳي!

گوگاسَر نالي وَستيءَ ۾ هڪ هوٽل هو جتي اسان سواريون روڪيون، جيستائين ڊرائيور انجڻين ۾ پاڻي وجهن، تيستائين اسان هوٽل ٻاهران ويهي رهياسين، جتي مٽيءَ جي چلهہ تي چاءِ تڇڪي رهي هئي. اوچتو ڇپري مان ڪنهن جي ڪِنجهڻ ڪُرڪڻ جو آواز آيو ۽ مون منهن ڦيري ڏٺو تہ ڪوئي سَوَڙ جي اندر تڏي تي ليٽي رهيو هو. مون هن جي باري ۾ پُڇا ڪئي تہ هوٽل واري جواب ڏنو ”سائين! هُن کي وارو آهي.“

”وارو ڇا آهي؟“ مون پڇيو.

”هتان جي پلر جي پاڻيءَ ۾ ڪائي بيماري آهي، جنهن جي پيئڻ سان ماڻهوءَ جي جسم ۾ ڪيئان پئجي ٿا وڃن. سائين، وارو ڏاڍو بڇڙو آهي. ماڻهوءَ کي جَهپ بہ نہ لڳندي آهي ۽ سڄي رات رڙندو آهي.“

”هي ڪنهن اسپتال ۾ علاج لاءِ ڇو نہ ٿو وڃي؟“ ”ڇهن ڏينهن کان اِتي چُڙي چيڪي رهيو آهي، نہ هُن وٽ پئسو آهي ۽ نہ اسپتالن ۾ دوائون ئي علاج لاءِ آهن. هتي تہ نانگ ڪاڏي جو بہ علاج ڪونہ آهي. روز هڪ نہ ٻيو چڪ وگهي مري رهيو آهي.“ مون ڇپ پيڪوڙي آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ مون کي ائين لڳو تہ ڪرڻن مان ٻُر ٻُر ڪيئان ڪِري رَها ها!

اِهوئي سبب آهي جو ڪنهن وقت انسان جو خدا جي هستيءَ مان اعتبار نڪري ٿو وڃي. جي خدا چڱائي آهي (۽ چڱائيءَ کان سَوا ڪجهہ ٿي نٿو سگهي) تہ بُرائي ڪٿان آئي؟ ڇا اسين پارسين وانگر اهرمن ۽ اهرمزد جي دوئي مڃون؟ ڇا زردشت صحيح هو يا وحدت الوجود جي فلسفي لاءِ ڪوئي جواز آهي ۽ ابنِ عربي صحيح آهي، جنهن جي ڪتاب ”فصوص الحڪم“ جي پهرين باب ئي مون کي پانواٽي ڏئي ڇڏي آهي. فرانس جي مشهور اديب والٽيئر کي جڏهن معلوم ٿيو تہ هسپانيہ ۾ زلزلو آيو آهي ۽ ٻہ سو ابهم، جي ديول ۾ دعا گهري رهيا ها، اُنهن تي ديول جو گنبذ ڪري پيو آهي ۽ هُو ٻوساٽجي مري ويا آهن، تڏهن هن جو خدا جي وجود مان اعتبار ئي نڪري ويو هو. هُو سوچي بہ نہ پيو سگهي تہ خدا، جو سارو رحم آهي، اُهو ايترو قهار ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ اهو بظاهر تضاد ئي دهريت جو هڪ مکيہ ڪارڻ آهي. جڏهن والٽيئر بيماريءَ جي بستري تي دم ڏئي رهيو هو تڏهن هُن وٽ پادري انجيل بخشائڻ آيو هو. والٽيئر هن کان سوال ڪيو تہ: ”توکي

ڪنهن موڪليو آهي؟"

پادريءَ جواب ڏنو: "مون کي خود خدا موڪليو آهي." ان تي والٽيئر هن کان پڇيو "ڇا توکي خدا اهڙو پروانو لکي ڏنو آهي؟" جڏهن پادريءَ نَنهن ڪئي، تڏهن والٽيئر هن کي چيو "مهرباني ڪري منهنجي جند ڇڏ ۽ مون کي آرام سان مرڻ ڏي" ٿوريءَ دير ڪانپوءِ والٽيئر مري ويو هو. هُو آخري دم تائين دهريو رهيو.

دراصل ڪيئي انسان هن ڪائنات جي تاجي پيٽي ۾ نيڪي بديءَ کي سرچائي نہ ٿا سگهن ۽ سمجهي نٿا سگهن تہ ٻنهي جي ساڳي آڏاٽي تي اُڻت ڪيئن ٿي آهي! پٺائيءَ جهڙي نموني اهو مسئلو حل ڪيو آهي، اهڙيءَ ڳتيل ٻوليءَ ۾ دنيا جي ڪنهن بہ فلسفيءَ يا شاعر حل نہ ڪيو آهي. هو چوي ٿو:

پريان سندي پار جي، مڙيو ئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري

يعني، "پريان جي پار" کان جيڪي اچي ٿو اُهو "مڙيوئي مِٺائي" آهي، بشرطيڪ تون اهو "چيت ڪري چکي سگهين؟" ان ڳالهہ کي رڳو مبهم الفاظ ۾ فلاسفر اوس پينسڪي (Ouspensky) ۽ هن جو گرو گرجيف (Gurdjieff) سمجهائي سگهيا آهن ۽ جڏهن رجنيش گرجيف جو ذڪر ڪيو آهي تہ هن کان وڌيڪ ابهام ۾ ويڙهجي ويو آهي.

مان جمال جي باري ۾ اهو تہ چڱيءَ طرح ڏسي چڪو آهيان تہ هن ۾ دورنگي، دغا ۽ منافقي بنهہ ڪانہ آهي، جيئن مون پنهنجن اڪثر دوستن ۾ ڏٺي آهي. هو ڪم گو ضرور آهي، پر صاف گو بہ آهي ۽ للي چپيءَ اگر مگر مان هرگز نہ ڇاڻي. هيئيون حجاب يزديءَ جو پارسيءَ ۾ شعر مون سان ٺهڪي اچي ٿو:

ز دوستانِ دو رنگم ہمیشہ دل تنگ است
فدائی ہمتِ آں دشمنی کہ یک رنگ است

(منهنجي دل تنگ ٿي پئي آهي اُنهن دوستن مان جي دورنگا آهن،
مان تہ انهيءَ دشمن جي همت تي فدا آهيان، جنهن ۾ يڪ رنگي آهي.)

جمال ۾ تہ نہ رڳو يڪ رنگي آهي، پر دوست بہ چڱو آهي. مون ساريءَ زندگيءَ ۾ هُن کي سانديي وانگر ڪل بدلائيندي نہ ڏٺو آهي، جڏهن تہ اِها ڳالهہ

اڄ عام آهي. هي سٽون لکندي مون کي مرحوم اسدالله شاهہ حسيني 'بيخود' جي ڳالهہ ٿي ياد اچي. هو مخدوم طالب المولىٰ جي ڪافي قريب هو ۽ مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ فارسي شعبي جو ائسوسئيٽ پروفيسر هيو. هو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري بہ ٿي رهيو هو. هڪ ڀيري اسان وڃ. سي هائوس ۾ ڪچهري ڪري رهيا هياسين. اُتي مرحوم حيدرشاهہ بہ موجود هو جو نہ رڳو اسدالله شاهہ وانگر مخدوم صاحب کي پيارو هو پر هڪ اهلِ دل بہ هو ۽ لا ڪاليج ۾ منهنجو ڪلاس فيلو بہ ٿي رهيو هو تنهن وقت ميرپورخاص ۾ سيشن جج هو. اسدالله مون کان ڪنهن دوست جي باري ۾ پڇيو:"اوهان جو هن جي باري ۾ ڇا رايو آهي. "

"ڪرست وانگر سڄي عمر پنهنجي صليب ڪلهن تي کڻي آٿائين." مون جواب ڏنو.

اسدالله شاهہ نهايت صاف گو انسان هو. مون کي يڪدم چيائين، "اوهان ڪنهن کي ڪرست ٿا ڪوٺيو؟

ڪيڏا نہ سادا آهيو اوهان...!!"

......... ڪيترو عرصو پوءِ مون جڏهن اُن ڪرست جو اصلي روپ ڏٺو تہ مُنهنجو مردم شناسيءَ مان اصل ويساهہ ئي نڪري ويو.

هلو واپس ٿر جي سفر تي هلون. ڇاڇري ۾ اسان کي هڪ هندو سيٺ پُرٽن جي ماني کارائي، رات گذارڻ جي صلاح ڪئي، پر اسان اُتي نہ ترسياسين ۽ سڌو عمرڪوٽ آياسين. عمرڪوٽ مان ڪيئي سال اڳ بہ آيو هوس. غالباً اهو 1946ع جو زمانو هو. مان ۽ ابراهيم ايم. اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جا ميمبر هوندا هياسين. اسان سان گڏ ڪامريڊ وياس، هن جي زال سُشيلا، پير عبدالغفور، ڪامريڊ احمد، آگي قدم پريس وارو ۽ ٻيا پارٽي ميمبر هوندا هئا. ٻين جو ذڪر وقت مليو تہ مان پوءِ ڪندس، هن وقت ڪامريڊ عبدالغفور جو ذڪر خاص طور تو ڪريان، جو عمرڪوٽ جو پيشه وَر حڪيم هو ۽ هن جو مطب بہ عمرڪوٽ ۾ هو. انهن ڏينهن ۾ مان ايل. ايل. بي جي امتحان لاءِ بہ ڪافي محنت ڪندو هوس ۽ علم، ادب ۽ سياست تي بہ ڪافي ڌيان ڏيندو هوس. هڪ ڀيري مون ڪامريڊ کي ٻڌايو تہ منهنجو دماغ ايترو پورهيو ڪري ٿڪجي ٿو پوي. ڪامريڊ مون کي ڪشته گاوَ زبانِ عنبري، ڪشته مشڪ، ڪُشته طلا،

ڪُشته بيضہ مرغ ۽ ڪجھ ٻيا يوناني ڪُشتا پوري مقدار ۾ شامل ڪري ڏنا ۽ تي خوراڪون ڏينهن ۾ کائڻ لاءِ ڇيو. هن مون کي نيراني مرغيءَ جا ٻہ ڪچا انڊا بہ پيئي وڃڻ لاءِ تاڪيد ڪيو. نتيجو اهو ٿيو تہ اَوڌ واري نواب واجد علي شاھہ وانگر مون کي پوري حرم سرا جي ضرورت محسوس ٿي ۽ نيپيئر روڊ جا رستا گسي ويا. مان جو ورلين يا رامبو تہ نہ ٿي سگھندو هوس، اُن تي ڪافي وقت لاءِ بودليئر جي ڪيفيت ڇائنجي وئي. گھڻو وقت پوءِ جڏهن مون ساهيوال جيل ۾ بودليئر جا نظم "Flowers of Evil" ۾ "پئرس جون راتيون" پڙهيو هو تڏهن مون کي ائين محسوس ٿيو هو تہ اهو ڪتاب مون لکيو آهي ۽ مون کي ڪراچيءَ جون راتيون ياد آيون.

مان ٻانيان ٿو تہ سال 1946ع ۾ سنڌ ۾ صوبائي اليڪشن ھُئي ۽ ڪامريڊ عبدالغفور عمرڪوٽ مان وساڻ جي خلاف بيٺو هو. اسان تہ تن ڏينهن ۾ دنيا ڦيرائڻ جا خواب لهي رهيا هياسين. جيتوڻيڪ ايم. اين. راءِ اسٽالن کان مايوس ٿي چُڪو هو تڏهن بہ هن وانگر اسان جاگيرداري، زميندداريءَ ۽ سرمايہ داريءَ جا سخت دشمن هياسين. ان ڪري مان، ابراهيم جويو ڪامريڊ وياس ۽ سشيلا وياس عمرڪوٽ وياسين. مان ٽرين ۾ ٿرڊ ڪلاس جي مٿين سيٽ تي بتي ٻاري دير تائين قانون جا ڪتاب پڙهندو رهيس، جيستائين ڇور جي اسٽيشن آئي. اتان بس تي چڙهياسين ۽ اچي ڪامريڊ عبدالغفور جي اوطاق ۾ رهياسين. ڏينهن جو اسان هارين ۾ تقريرون ڪيون ۽ مان هنن کي پنهنجو نظم "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ" واري واري سان ٻڌايو. الاءِ جي ڇو مون اُن ڏينهن سٽي ۾ سنو فل سوٽ پاتو جو پاڻ سان کڻي ويو هوس. ڪامريڊ عبدالغفور اسان کي سارو عمرڪوٽ گھمايو. اهو شهر عمرڪوٽ آهي يا امرڪوٽ آهي، ان بحث ۾ مان هينئر نہ پوندس. پيرومل مهرچند جو چوڻ آهي تہ:

"هن شهر جو بنياد بلڪل آڳاٽو آهي ۽ غالباً اومره سومري جو ٻڌايل آهي. يارنهينءَ صديءَ ۾ راجا اَمر سنگھہ منجهس قلعو ٺهرايو. 1355ع ۾ عمر سومري پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو. 1746ع ۾ ميان نورمحمد ڪلهوڙي منجهس قلعو ٺهرايو جو اڃا سلامت آهي. عمرڪوٽ اڳي ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر هو. 1906ع کانپوءِ ميرپورخاص هيڊ ڪوارٽر ڪيو ويو. شهر جي رونق چڱي آهي، واپار چڱيءَ طرح هلي ٿو. اُن جي چوڌاري باغن ۾ ميوات ۽

واڙين ۾ هر قسم جي ڀاڄي ٿئي ٿي. هي شهر اڳي راجپوتن جي گاديءَ جو هنڌ هو. مارواڙي قومون گهڻو ڪري ڀهريائين هتي اچي رهيو هيون، جي پوءِ 1874ع ۾ اپرندي ناري جي ٻوڏن ۽ ٻين سببن ڪري منيءَ چاچري، ڪانٽئي، چيلهاڙ پارنو ڀڳل، وِيراڙيءَ، ڏارناسر ۽ ٻين ڳوٺن ڏي لڏي ويون..... ميرپورخاص 76 ميل پري آهي......“

اسان ڪي پير صاحب جيپ ۾ مومل جي ماڙيءَ تي وٺي هليو جا عبرت جو داستان هئي، اُن تي سنڌ جي ٻئي هر دڙي وانگر ٺڪريون ۽ هڏا ڦهليل ها، پر اُن سان جا ڪهاڻي وابستا هئي، اُن کي امرتا هئي ۽ جڻ مايا جي فلسفي جو نچوڙ هئي. ڪاليداس يا ملڪ محمد جائسي اهڙي ڪهاڻي نہ گهڙي سگهيا ها. مون هڪ هڏي جي ٽُڪِري کڻي چيو: ”ڇا اها مومل جي هئي، سومل جي هئي، جنهن لاءِ راڻو ڪيئي ميل اُٺ تي سفر ڪري ايندو هو؟“ مون سوچيو تہ ايڏو وڏو ٺهڪ ڏيان، جو ڪڪر ڦاٽي پون ۽ مينهن پوڻ لڳي.

مومل جي ماڙيءَ ڪانپوءِ اسان اُن قلعي ۾ وياسين، جو ميان نورمحمد ڪلهوڙي ٺهرايو هو. اسان جنهن وقت ان جي ڇت تي هياسين، تنهن وقت سج ٻُڏي رهيو هو. جڻ ڏرتيءَ تي ڳولي رهيو هو تہ ڪيڏانهن ويو عمر، ڪيڏانهن وئي مارئي ۽ ڪيڏانهن ويو اهو ڪوٽ، جنهن انسان کان پنهنجي آزادي کسي هُئي؟ شفق مارئيءَ جي چُنيءَ وانگر آسمان تي ڇائنجي وئي هئي ۽ راتڙي لهي رهي هئي. آسمان ۾ ڪجهہ ڏيئا ٽمڪڻ لڳا ها تہ اسان ڪامريڊ عبدالغفور جي گهر پهتاسين. اُتي ڪامريڊ اسان لاءِ ڇيلو سَجي ڪرايو هو. ڇيلي جي سَجي سان نان کاڌاسين. مانيءَ وقت اسان کي نگيندر وياس، سشيلا سان پنهنجو رومان ٻڌايو. وياس برهمڻ هو ۽ سشيلا اَڇوت. وياس جو پيءُ لڪاپتي هو ۽ سشيلا جو ڪڪاپتي. پيءُ جي مرضيءَ جي خلاف ۽ ڏرم – روڪ هوندي وياس سُشيلا سان شادي ڪئي هئي ۽ اِن ڪري هُن جي پيءُ هن کي گهر – نيڪالي ڏني هئي ۽ وصيت ڪئي هيائين تہ هن جي ملڪيت مان نگيندر وياس کي ڪجهہ بہ نہ ڏنو وڃي. سُشيلا جي پيار ۾ سڀ ڪجهہ لٽائي، هو هن سان گڏ هڪ فلئٽ ۾ رهندو هو. کين ڪابہ اولاد نہ هئي. وياس سنهو سانورو ڪرڙوڏ هو ۽ هن جا چپ ائين لڳندا ها جڻ تہ هو پُڏو هو جيتوڻيڪ هن کي پوري ٻٽيهي هئي. سُشيلا بدن جي ڪجهہ ڳوري، مُنهن جي ٻولاٽتي، ٽيهين ورهين جي رنگ

روپ، ڊيل ڊول واري سانوري سلوڻي ناري هئي.

ماني کائڻ کان ٿورو وقت پوءِ اسان تي ننڊ غالب اچي وئي. مون کان ٿوري پنڌ تي وياس ۽ سُشيلاِ ستل ها ۽ ان جي پريان ابراهيم سُتل هو. مان هڪ ہي سشيلا کي ساري رهيو هوس، جا ريشم جي ساهيڙي هئي. هڪ ڏينهن مان پنهنجي مائٽ عباس سان گڏ ڪلفٽن تي ويو هوس تہ ڏٺو هوم سشيلا ۽ ڪجھ ٻيون ڇوڪريون، جي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ پڙهنديون هيون، ڪجھ ڇوڪرن سان گڏ اوچين لهرن ۾ وڃي رهيون هيون. عباس شرير هوندو هو ۽ هن مون کي سيڪاريو تہ هنن جي پنيان هلون ۽ جڏهن اوچي وير اچي ۽ مٿي تان لنگهي وڃي، تڏهن اسان سمنڊ جي تري ۾ پير کوڙي بيهون تہ هي پاڻ ئي اسان جي جهول ۾ اچي پونديون. اسان ائين ڪيو هو هُوا اسان کان بہ وکون اڳتي هيون ۽ واقعي اسان جي جهول ۾ اچي پيون ۽ پوءِ سيڪنڊ ۾ اسان هنن کي ڇڏي ڏنو پاڻ بہ ويرجي ڇوهہ ۾ لُڙهي ڪناري تي هليا آياسين. پهرين پيري تہ هنن اهو اتفاقي سمجهو پر جڏهن اسان ٽي پيرا ائين ڪيو تہ هو ڇپن ۾ مُرڪي، ڇوڪرن سان گڏ ٻاهر هوٽل تي وڃي ويٺيون. سُشيلا مون کي سڃاتو. هوءَ ئي تہ ريشم جي انتظار ۾ هوندي هئي جڏهن ريشم ڊي جي سائنس ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ ڪاليج ۾ سائيڪل تي ايندي هئي، سشيلا ڪانئس سائيڪل وٺي اسٽئنڊ ۾ رکندي هئي. هن مون کي شايد ڊي جي سنڌ ڪاليج جي ڏاڪڻ وٽ ريشم سان ڳالهائيندي ڏٺو هو. ٻئي ڏينهن تي ريشم مون کان پڇيو. ”ڪالهہ سمنڊ تي ڇا محسوس ڪيئہ؟ ان تي بہ ڪوئي نظم لکندين؟“ مان لڄي ٿي ويس. پريان سُشيلا، جا ڪاليج گيٽ پنيان لڪي بيٺي هئي، اوچتو نڪري آئي ۽ چيائين ”هَلوا“ مون کي دَرتي جاءِ ڏي ها تہ اُن ۾ پيهي وڃان ها. پر انهن جي سموري ڳالهہ تڏهن ڪندس، جڏهن ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گذريل وقت جي باري ۾ ڪتي تفصيل سان لکندس.

عمرڪوٽ ۾ مون کي جاءِ بدل سبب ننڊ نہ آئي، جيتوڻيڪ مان اڪيون ٻوٽي سُمهي پيو هوس. مون وانگر سشيلا وياس بہ اکيون ٻوٽي سُتي پئي هئي. اوچتو ہي اَڍائي بجي هوءَ اُٿي ۽ چُپ چاپ ٻاهر هلي وئي. مون کي چئين بجي ننڊ آئي ۽ جڏهن اک کلي تہ سڀ چاءِ پي رهيا ها، مون بہ ننڊ مان اُٿي چاءِ پيتي. ڪجھ وقت ڪانپوءِ ڪامريڊ غفور سشيلا کي پرت وارا تحفا وٺي

ڏنا. پوءِ اسان کي ڪامريڊ عبدالغفور پنهنجي اسپتال وٺي آيو جتي وياس هن کان مُقوي ڪُشتا گهريا. اُنهن مان ڪجهہ اجا ڪَرَلَ ٿي رهيا هاتہ ڪامريڊ سشيلا مون کي چيو تہ: ”مان ڏاڍو ٿڪجي پئي آهيان ۽ مون کي اوطاق تي ڇڏي آءُ“ اوطاق اتڪل ميل پنڌ تي هئي، هوءَ مون سان گڏ واريءَ تان اڪيلي وڃي رهي هئي. پهرين تہ مون ڏانهن پيار پريون اکيون ڪري چيائين: ”واهہ جو سُوٽ پاتو آٿي.“ مان ماٺ ڪري هلندو رهيس. جڏهن اوطاق تي پهتاسين تہ وڏاوڙي ۾ هالا جو ننڍو پينگهو پيو هو. سُشيلا ڪَر موڙي ٿڪ لاهڻ ۽ جڻ وڏيڪ لڳ ساهڻ لاءِ پينگهي ۾ سمهي پئي. پينگهو هن لاءِ سوڙهو هو ۽ هن ٽنگون گوڏن وٽان بيٺائي پينگهي ۾ رکيون تہ انهن تان هن جي ساڙهي ترڪي وئي. ”ڪامريڊ! تون بہ ڇو نہ ٿو منهنجي پرسان پينگهي ۾ ٿڪ پڄين. واريا‌سي ۾ چڙهي هڄ ٿي پيو هوندين.“ اوطاق ۾ ٻيو ڪوبہ نہ هو. مون محسوس ڪيو تہ ابليس مون کي پينگهي ڏانهن ڌڪي رهيو آهي، پر پوءِ اهو ياد ڪري تہ سُشيلا ڪامريڊ وياس جي زال آهي، جو پارٽيءَ جو ليڊر آهي، مون هن کي چيو تہ مون کي تڪليف ٿيندي، ان ڪري مان اندر کٽ تي وڃي ٿو سمهان. کٽ ۾ واڻ جي رسي ارڙ نانگ ۾ تبديل ٿي وئي ۽ بہ ٽي ڪلاڪ مون وَٽ سَٽ پئي کاڌا ۽ مون کي ننڊ نہ ٿي آئي جيستائين ابراهيم ۽ وياس بہ پهريءَ جي مانيءَ وقت آيا. وياس ڪامريڊ عبدالغفور وٽان ڍير سارا ڪُشتا هٿ ڪيا ها. هن ٻڌايو تہ ڪشتا ڪَرل ڪرڻ ۾ڪافي وقت لڳو. رات جو وري مون ڏٺو تہ ٻي اڌائي بجي چپ چاپ اُٿي، سُشيلا چمپل پاتو ۽ ڏهي پير ٻاهر نڪري وئي ۽ چئين بجي ساڳي ڏهي پير موٽي آئي، ڪڙو اندران بند ڪيائين ۽ پنهنجي کٽ تي سمهي پئي. مان صبح تائين پاسا ورائيندو رهيس.

ان کان ڏهہ مهينا پوءِ مان پارٽي آفيس ۾ وينو هوس، جتي سشيلا، وياس، ايم. اين. راءِ واريءَ آل پاڪستان فيڊريشن آف ليبر جا پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري خطيب ۽ ڏوي، ابراهيم ۽ آڳي قدم پرنٽنگ پريس وارو ڪامريڊ احمد بہ وينا ها. سشيلا کي مهينو اڳ چاول گوري رنگ وارو پُٽ گود ۾ هو. هن سيني کي ٻڌايو تہ هُن جو ڪامريڊ عبدالغفور سان پيار ٿي ويو آهي. مون کي اڳ ئي خبر هئي تہ ڪامريڊ عبدالغفور جي اڳينءَ زال کي ڪئنسر آهي، جنهن لاءِ اُن وقت ٽريٽمينٽ ڪانہ هئي ۽ هُن جي غذا فقط

سڪل ڪشمش هئي (اهو علاج ڪامريڊ ڪنهن طب جي ڪتاب ۾ پڙهيو هيو) ڪامريڊ وياس ٽڏو ساهہ پري چيو "ماهر سرجن مون کي پٺيءَ ۾ ڇُرو هنيو آهي، پر جي مون دانهن ڪئي تہ مون کي انقلابي نہ سمجهجو." شايد ڪامريڊ وياس تي اجا اينگلس جي ڪتاب "خاندان جي بنياد" (Origin of family) جو اثر هو. هن جا لفظ ٻڌي خار ۾ مون سشيلا کي چيو: "سشيلا! تون ڪهڙي نہ ذليل عورت آهين!" هن يڪدم مون کي جواب ڏنو "مان توکان سرٽيفڪيٽ تہ نہ ٿي گهران." مان جلد ئي اتان اُٿي ويس.

ڪامريڊ عبدالغفور جي گهرواري گذاري وئي، پر هن ٻي شادي نہ ڪئي. پاڪستان کان ڪجهہ مهينا پوءِ سشيلا ۽ نگيندر وياس مولانا شبير احمد عثمانيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيا. چو تہ اسلام ئي ڪنهن بہ مذهب کان وڌيڪ ترقي پسند هو ۽ ايم. اين. راءِ اُن تي ڪتاب لکيو هو. پر جڏهن هو مهاجر حلقن ۾ ويڙهہ لڳا تہ پاڻ کي اجنبي پائڻ لڳا. شايد ورهاڱي کانپوءِ وياس جو پيءُ سان ناهہ ٿي ويو هو. هو ٻئي گجرات هليا ويا ها ۽ معلوم نہ آهي تہ جيئرا آهن يا نہ!

ورهاڱي ڪيترا دوست، احباب، خاندان وڇوڙي ڇڏيا ۽ مون هڪ گيت لکيو هو:

ڇڻندڙ پن وڇوڙيل يار ٻالهہ تہ هڪڙي ناهي."

پر پن هوا ۾ اڏامي، ڇڙوڇڙ ٿي وڃن ٿا. وڇوڙيل يار وَري ڪڏهن ملن تہ بعيد از امڪان نہ آهي، ها اُهي ڪيئن ملن، اُهو بعيد از ضرور آهي. تاريخ گهايل هاٿيءَ وانگر ڏوڪي ڏاهر کي درياهہ ۾ اڇلايو هو ۽ هن جو ڏڙ ڏار سر ڏار لڏو ويو هو جو دروازو منجنيق جا پٿر توڙي نہ سگهيا ها، اُهو "وِڪئي وزير" اندران کولي ڇڏيو هو. هن ديس جي غداري، راءِ سهاسيءَ جي دغا سان موت ۽ چچ جي تخت نشينيءَ سان چو شروع ٿئي ٿي؟؟

ڪاش! ڪوئي محقق راءِ سهاسيءَ تي ڪوئي وڌيڪ مواد ڳولي لهي، جو هڪ نيت پت وارو راجا هو يا ڪاش! هُو ان کان بہ اڳ اسان جي تاريخ شروع ڪري، جنهن ۾ نيڪ نيتي، ديانت ۽ خلوص وارا حڪمران ها. مون کي پير حسام الدين ٻڌايو هو تہ عراق ۾ راجا ڏاهر جي تصوير آهي. شايد ٻيو مواد بہ ملي پئي، جو سنڌ جي تاريخ جي شروعات مان قباحت جو عنصر ڪڍي وٺي. آخر سنڌي عوام جيڪو نهايت پرخلوص ۽ ديانتدار آهي، اُن

جو ماضي بہ اهڙو ئي بي داغ هجڻ گهرجي ۽ هر انساني ڪمينگي اُن ۾ انساني نفسيات جو اتفاقي عنصر سمجهڻ گهرجي.

مان پيهر جڏهن عمرڪوٽ آيس تہ منهنجومائٽ شيخ جعفر اُتي ايس.ڊي او هيو. ان رات گهر ۾ ڪونہ هو سو اسان سرڪاري بنگلي ۾ لٿاسين. ڏرتي مارئيءَ وانگر ٿي لڳي ۽ آسمان عمرڪوٽ. جنهن ۾ ڪا وِٿي نہ هئي. انسان تي ايتري غلامي ڪنهن مسلط ڪئي آهي، جو پَنُ بہ هن جي مرضيءَ سان نٿو چُري! سارتر جي وجوديت خود مشيت جو حصو آهي. غالب ڪوچہء بلي ماران ۾ جايو هو هن جا پونيئر ڪوچہء چوها ماران ۾ پيدا ٿيا آهن. ڪراچي اسان جو ڪوئٽا مار آهي، جنهن جو دروازو ڪافڪا تاهيو آهي.

مومل جتي ڏاگهہ چڙهي هئي، اُن کان ڪجهہ فرلانگن پنڌ تي (هيٺي طرف) تي سنگِ لرزان (Sand stone) جو چبوترو هو جتي اڪبر ڄايو هو. ينيرڪي جو اسان ان ٿَلهي وٽ پهتا هئاسين ۽ باک جا آثار نظر اچي رهيا ها ۽ مون کي هيٺيون گيت ياد اچي رهيو هو جو صديون اڳي شايد سنڌ ڌرتيءَ تي تخليق ڪيو ويو هو:

"جيڪي صبح گذري ويا آهن ۽ بي شمار صبح، جي هن کان پوءِ ٿيڻا آهن، تن جي واٽ وٺي هيءَ روشن اُشا اچي ٿي تہ اوندهہ تاري ٿي ۽ جيڪي ماڻهو ننڊ ۾ مُئلن مثل پيل آهن، تن ۾ سجاڳي پيدا ڪري ٿي."

"سهڻي اُشا، تون جيتوڻيڪ بي شمار ورهين کان جيئري رهندي آئي آهين، تہ بہ هر ڪنهن صبح جو تون نئون جنم وٺين ٿي، تنهنڪري تون ٻُڍي بہ نہ آهين، تہ جوان بہ نہ آهين."

"اجوڪو صبح اُها واٽ وٺي ويندو جا ڪانئس اڳي هرڪنهن صبح ورتي. هن کان پوءِ جيڪو صبح ٿيندو سو بہ اُشا جي پُٺ ويندو. قديم زماني ۾ جن ماڻهن اُشا جي واٽ نهاري ٿي، سي گذاري ويا. اڄ سندس اچڻ تي اسان اهو منظر پيا ڏسون، اسان کان پوءِ جيڪي بيا پيدا ٿيندا، آئيندي اُنهيءَ ديويءَ جا ترورا پَسندا."

# ضميمو: پهريون

## ضميمو: الف
## رشيد ڀٽيءَ جي هٿ لکيل ڊائري

هندستان جي سفر دوران رشيد ڀٽيءَ جا ورتل نوٽس:

22 ڊسمبر 1963ع

سکر کان ڪراچيءَ روانگي. گاڏيءَ ۾ سترنهن سالن جي وڇوڙي تي ڳالهہ ٻولهہ. هندستان جي دوستن جي مُتوقع موٽ ۾ خوشيءَ بابت انديشا ۽ اُنومان. گاڏيءَ ۾ ٻہ پڪ ڪانہ، تہ ڪو وڃڻ نصيب ٿيندو يا نہ!

23 ڊسمبر 1963ع

ڪراچيءَ پهچي، پارٽي هاءِ ڪمشنريءَ ۾ ويزا لاءِ درخواست. هوٽل مونا ليزا ۾ قيام.

24 ڊسمبر 1963ع

مولوي عبدالواحد سنڌيءَ سان ملاقات. حسين شاهہ راشديءَ وٽ هلندڙ ادبي ڪانٽرو وَرسيءَ تي بحث. راشديءَ جي ڪردار تي ڳالهہ ٻولهہ. راشديءَ ۽ سنڌ موضوع تي بحث.

25 ڊسمبر 1963ع

صبح جو ربانيءَ جي ڪردار تي ڳالهہ ٻولهہ. اياز جي نون ڪتابن تي خيالن جي ڏي وٺ. راشديءَ وٽ ماني. رات جو هوٽل ۾ مظفر صديقيءَ سان محفل.

26 ڊسمبر 1963ع

ويزا ملي. اسٽيٽ بئنڪ مان ايڪسچينج حاصل ڪرڻ. منجهند جو مخدوم عبدالواليءَ وٽ. رات جو سراج طرفان ”سابرينا“ ۾ ماني. سَرڪي، مقبول، رشيد آخوند، مولوي عبدالواحد سنڌي، خواجہ سليم، بروهي، رباني، حسين شاهہ ۽ ڊڪڻ ٻہ ڪوٺيل.

27 ڊسمبر 1963ع

ايئر انڊيا رستي روانگي. وائڪائونٽ جهاز. منجهند جو اُڏام. ايئرپورٽ تي بروهيءَ طرفان لنچ. لائونج ۾ آسٽريلوي ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ. پارٽيشن تي. ايئر هوسٽس ۽ هڪ پارٽي ناريءَ جي سونهن ۽ ورتاءَ تي ڳالهہ ٻولهہ. پاڪستاني عورتن (مسلمان) سان پيٽ.

سانتا ڪروز ايئرپورٽ (ممبئي) تي پهچڻ. موهن ڪلپنا ۽ راجن ڪسٽم ڪليئرنس ڪرائي ورتي...... سگريٽ تي ڪسٽم آفيسر خوش ٿي ويو. هري موٽواڻي، ارجن شاد، ارجن موٽواڻي، جٿوير، گوبند مالهي، لعل پُشپ، ڪرشن راهي، مايا راهي، موتي پرڪاش، ڪلاپرڪاش، سندري، اُتم، موهن، راجن چاولا ۽ گيتا ايئرپورٽ تي آيل. راجن وارن جي ڪار ۾ روانا ٿياسين. ”ليونڪ“ (؟) ريسٽورنٽ ۾ چانهہ ۽ وچوڙي جي ورهين ۽ انسان تي بحث ۽ خيال آرائي. رات جي ماني ڪيرت وٽ، جتي سڀ دوست آيا. اُتان اٿي راجن جَن وٽ چانهہ تي آياسين. راجن جا ٻار اَنيتا ۽ اُميش مون کي ”پڪو“ ماما سمجهي رهيا ها. رات اُتي رهياسين. باندرا ۾ ڊاڪٽر ائمبيڊ ڪر روڊ تي سندن فليٽ ۾. هرڪو دوست پاڻ وٽ رهڻ ۽ مانيءَ جي دعوت ڏئي رهيو هو. رات سڄي جاڳياسين. حال احوال ۽ اياز شعر ٻڌائيندو رهيو. صبح جو 5 بجي سمهياسين.

28 ڊسمبر 1963ع

صبح جو ٿاٽي تي اطلاع ڏيڻ وياسين. پوليس وارن جو ورَتاءُ. پهرين جاءِ جا گهمڻ وياسين سا رايل ايشياٽِڪ سوسائٽيءَ جي لائبريري هئي. 180000 (هڪ لک اسي هزار ـــ مصنف) ڪتاب. سنڌ جي تاريخ تي وڏو ذخيرو. ڪولابا، فورٽ ۽ ماهم گهمياسين. بمبئيءَ جو قومي عجائب گهر. موهن ۽ ڪاهوءَ جي دڙي جون اصلي نوادرات اُت موجود. ڪاشيءَ جي سِرَ. موهن جي دڙي جو ماڊل. منجهند جي ماني فورٽ جي هڪ سِک جي هوٽل ۾. شام جو ڪولابا ۾ پوپٽيءَ جي جاءِ تي، ٽيريس تي ڪچهري. سڀ سنڌي اديب آيل. جڳت آڏاواڻيءَ، ايم. يو ملڪاڻيءَ ۽ ناگراڻيءَ ڳالهايو. پوپٽيءَ ”مارئي“ ڳائي ـــ ڪرشن راهيءَ اياز جو غزل ”پرينءَ سان پڪا ڪير ويهي اَڏي....“ سُر سان ڳايو. اُتم، راجن، موهن ۽ گيتا وياسين. ارجن شاد بہ شعر

ٻڌايو سُر سان اياز جو. سکر جو ڪيسواڻي بہ مليو. اصل مدئجيءَ جو هو. اخبار ۾ سنڌ کان آيلن جو ٻُڌي آيو هو. رات جو ارجن شاد پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ وٺي ويو.

29 ڊسمبر 1963ع

ارجن جي ماءُ. زال موهني ميرچنداڻي. ڊاڪٽر چبلاڻيءَ جي مائٽياڻي ـ اياز جو ڪلام ڳاتائين. صبح جو ڇئين بجي سمهياسين. نيرن بعد مالهي آيو ۽ فلم جي شوٽنگ ڏيکارڻ لاءِ ڪاردار اسٽوڊيو وٺي هليو. ”بهو بيگم“ جي شوٽنگ پئي ٿي. مينا ڪماريءَ تي افتتاحي شاٽ پئي ورتو ويو. بلراج ساهنيءَ ۽ نثار اختر سان ملاقات ۽ ڳالهہ ٻولهہ. منجهند جو پرنسپال اجواڻيءَ وٽ وياسين. سنڌي زبان ۽ ادب جي ڀارت ۾ مستقبل بابت بحث. ڪلياڻ آڏواڻي، گوبند مالهي، لعل پشپ، موهن ڪلپنا، راجن ۽ ارجن بہ موجود. منجهند جي ماني گوبند پنجابيءَ وٽ. راهيءَ وري اياز جو ڪلام ڳايو. سيارو چڙهہ آهي ڪونہ. اسان گرم ڪپڙا ڪٽي اچي ڦاٿا هياسين. هت تہ ڏينهن رات پکو پيو هلي. شام جو گهمڻ وياسين. چوپاٽي، بيل پُوري، مَرين ڊرائيو رات جو نيڪليس ـ جو منظر، مَرين ڊرائيو جو ڪملا نهرو پارڪ، انڊين فلم ايگزيبشن ڏٺي سين. رات جو ماهم ۾ جڳت آڏاواڻيءَ وٽ ماني. اُت گنو سامتاڻي ۽ موهن گيهاڻي پڻ آيا. ٻين دوستن کانسواءِ.

30 دسمبر 1963ع

11 بجي تائين ارجن جي گهر بحث ۽ حال احوال. حاضر جڳت، گيتا، راجن، موهن گيهاڻي. ان بعد پواني (اکر سمجهہ ۾ نٿو اچي) ۽ وهار (اکر مُنجهيل انداز ۾ لکيل ـ مصنف) جو سئر. آريہ مِلڪ پلانٽ، هندو مٿالاجيءَ تي جڳت جي روشني وجهڻ ۽ اياز سان بحث. ”مجهي جيني دو“ فلم. سنيل دت ۽ وحيده رحمان. هندستان جي ليجينڊري ڊاڪو سلطان تي هالي ووڊ ۾ فلم ”The long dule“ جو چربو رات جو موتيءَ وٽ ماني. ڪيرت، راهي، لعل ۽ اُتم زالن سميت ـ هري موتواڻي ۽ موهن گيهاڻي بہ. ڳلا جو شيام لاءِ اظهار ـ ڳلا جا ٿانوَ پيجڻ (؟). ڳلا جي ڏيءَ سنڌو ـ هريءَ ۽ موتيءَ اياز جا شعر ڳايا. نارائڻ شيام جا شعر ڳلا ٻُڌايا. مالهيءَ کي ”ڪنتور“ نالو ڏنم. هن موٽ ۾ ”دُ دَستو“ سڏيو. مالهي ۽ ان جو ٽيلهو ـ مولانا

سنڌي ۾ اُن جو ٿيلهو ــ رات جو گيتا جن سان جوهوءَ تي آياسين ــ سڄي رات بيچ تي ڪار ۾ جاڳي گذاري سين ۾ بحث مباحثا ۾ جوڪس (Jokes) ڪياسين. صبح جو راج جي فلئٽ تي آياسين.

31 ڊسمبر 1963ع

صبح جو بہ ڳالهيون نہ ڪُتيون. گيتا ويچاريءَ ست پيرا چانهہ ٺاهي. ڏهين بجي ڪَن اياز ننڊ ڪئي. گيتا گهر جي ڪم ڪي لڳي. مان ۾ راجن شهر ياڃي ونڻ وياسين. منجهند جو گيتا جَن وٽ عام دعوت. سڀ (لعل پُشپ، ڳويتا پُشپ، شاد ۾ جڳت، مالهي دير سان آيو) اُتي گيتا جي ساهيڙي پُشپا بہ آئي، جا پاڙيسري هُيس. گُڏي، پشم گڏي، ناز ۾ نخرو سونهن ــ شام تائين ڪچهري پوءِ ڪلياڻ ڪئمپ روانا ٿياسين. مالهي، مان، اياز راج ۾ گيتا ۾ اُن جا بہ بار ــ ڪار جي سجاٽپ وارو جوڪ (Joke). مالهي گوڙ بندر وٺي هليو. ڊگ ۾ آدي واسين جو قصو ــ سندري، ڪلا، موتي ۾ اُتم اُتي آيا. مالهيءَ تي "گاربنر" ۾ ڪمل تي W.C جو نالو (؟) "مُڇَ مَٿي ۾" واري پيروڊي. سڄي رات ڪچهري ٿيندي رهي. شراب ۾ شعر تي حال احوال ــ سياست ـــ تاريخ ـــ ادب ۾ زبان ــ شعر وشاعريءَ ۾ جوڪس (Jokes). سُڳن جي گهر پوئين پهر وڃي سمهياسين.

1 جنوري 1964ع

صبح جو 8 بجي تائين سُتا رهياسين. موهن پنهنجيءَ بئرڪ تي وٺي هليو. گرل فرينڊ ميران سان ملايائين. مايا راهي بہ آئي. گهران ڊڪي ڪڙهي آٽي ڪارايائين ــ نيرن سُڳن وٽ ــ سندس زال هار سيما، لتا، پرتاب ۾ هَري ــ سُڳن سان سکر ۾ بندر جون ڳالهيون ــ منجهند جي ماني ڪِشور پهوجا وَٽ. ٽين بجي ڪئمپ ۾ پنڌ ڳالهائيندا، چَرچا ڪندا وياسين ــ ڪلياڻ ۾ ساڏ بيلو لکي در سچل ۾ ساميءَ جون سماڌيون ــ سکر وارو اُستاد پرسرام مسند اُتي بہ سُندر شيوڪ سيا ٺاهي، ڪم ڪري رهيو هو. اهي سکر وارا جاين جا نالا ــ هوا بندر ــ سيروُ چونڪ، ڪرم جو ٽلهو نمن جو چونڪ وغيره وغيره ــ ماني کائي ڪار ۾ بمبئي موٽياسين. پينڊيءَ پر سان گاڏي پنڪچر ــ رات جي ماني گرناٽيءَ (ناگراٽيءَ) وٽ ــ پوءِ جو هوءَ راج جي دوست جي بنگلي تي اچي پيتوسين ۾ محفل ڪئي سين. سڄي رات جاڳياسين.

2 جنوري 1964ع

صبح جو راڄ جي گهر اچي، نيرن ڪري، جهٽ ليٽياسين. ننڊ نہ آئي تہ وري اُٿي، ڪڇهري ڪئي سين. خلوص ۾ سڪ ڪان متاثر ٿي روئي وينس. اياز ۽ گيتا جي پرچاڻ تي بہ موڊ درست نہ ٿِيو. شام جو طبيعت ٺيڪ ٿي ۽ ڪِل آئي. موهن ۽ شاد ڪتاب ڪٺي آيا. جڳت سازهيون ڪٺي آيو. ماني منجهند جي ڪائي، شام جو لبرٽيءَ ۾ فلم "ميري محبوب" ڏسڻ وياسين. رات جاڳياسين. گيتاءِ موهن بحث ۾ اُلجهي پيا. پٽائيءَ تي بحث – راڄن، اياز ۽ منهنجو هٿ ڏنو – گيتا جو هڪ واقف اردو شاعر "مغني" بہ شام جو سندن گهر آيو – متاثر نہ ڪيائين. عاميانہ قسم جو شاعر هو.

3 جنوري 1964ع

سڄو ڏينهن جو هو بيچ تي سن باٿ وٺندا رهياسين. سادي ٽين بجي ماني بہ بيچ تي ڪاڌي سين. موهن ڪپلنا سان هندو مسلمانن جي سيڪس (Sex) بابت جوڪس (Jokes). گنبٺ گهوڙا، راٺي پور راجا – سُگن جي جيون ۾ سفرنگس (Sufferings)تي موهن جو ڳالهائڻ:

زندگي تنهنجي اَدائن مان ٿيو بڙُ آهيان
غم جو پهلو تہ بدل نيٺ بہ شاعِر آهيان.

موهن جي زندگي سندس زباني:
چند تصوير بُتان، چند حسينون ڪي خطوط
وہ جب ياد آئي، بهت ياد آئي

موهن ڪان سوا جڳت ۽ شاد بہ جُوهوءَ ۾ ڪنا رهيا.
سانجهيءَ جو ماهم تي اُتم جن وٽ مانيءَ تي آياسين. سڀ دوست – سُندري، ڏيئر آشا ۽ بينا – نِرتيہ، لاڏا، ساڪيون، بحث – رات جو دير تائين جاڳي اُتم جن وٽ سمهي پياسين.

4 جنوري 1964ع

صبح جو نيرن اُتم جن وٽ – چانهن پي گيتا جي چانهہ ۾ سندس ياد آئي. ناشتي تي اُتم سان اياز جو ماده پرستيءَ ۽ روحانيت تي بحث ٿيو. هند ۾ سنڌ جي سنڌيت جي هلچل تي ۽ سنڌ ۾ هلندڙ تحريڪ تي بحث. راڄ ۽

گيتا آيا ــ سندري به. گڏجي شهر وياسين ــ منجهند جي ماني جڳت آڏواڻيءَ وٽ ــ جئوپر به آيو ــ مٽنني شو تي سندريءَ جي صلاح سان بنگالي فلم ڏٺي سين. شام جو اياز کي بُخار ــ گيتا جي گهر موتي آياسين ــ چانهه پي نيشنل ڪاليج ۾ رتيل آجياڻي جي گڏجاڻيءَ ۾ وياسين. رات جي ماني پرنسپال آجواڻيءَ وٽ ــ ملڪاڻي ۽ نارائڻ شيام به آيا. رات جو موتي جُوهو بيچ واري بنگلي تي آياسين. بيچ تي سُگن آهوجا به هو ــ شعر وشاعري ــ حال احوال ــ ٽين بجي سمهياسين.

5 جنوري 1964ع

صبح سان چانهن تي حال احوال ۽ ڪچهري ــ منجهند جي مانيءَ لاءِ ناڪر چاولا وٽ آياسين. شيام، شاد، سگن، سُندري، اُتم، موهن، لعل، ڪويتا ــ ٽين بجي کان ڪچهري ــ لعل ۽ موهن جي شخصيت تي ملڪاڻيءَ جو اظهارِ خيال ــ مختلف خيالن ۽ مڪتبِ فڪرن کان متاثر موهن هَرفن مولا ليکبو آهي. سنڌي هئڻ ۽ سنڌ ۾ جمڻ تي فخر، سنڌ واري زبان پسند، نئين نسل کي زنده رکڻ (سنڌيءَ جي حيثيت ۾) زندگيءَ جو مقصد ــ اياز کان وڏي وجڻ جي خواهش ــ سنڌين کي پورٽريٽ (؟ غالباً لفظ پورٽري Portrey) ڪرڻ جو عزم ــ ٽرئڊيشن قائم ڪرڻ جو ارادو ــ سُگن، شيام ۽ اياز شعر ٻڌايا. شام جو بيچ تي آياسين ــ ساڍي ڇهين بجي تائين اُتي ڪچهري ــ سُندريءَ سان رهاڻ ــ سندس اُتم بابت ويچار. سُگن ۽ شاد کي لطيفا ٻڌايم ــ رات جي ماني باندرا ۾ راجن وٽ کائي، سانتا ڪروز ايئرپورٽ تي دهليءَ لاءِ رِزرويشن ڪرائڻ وياسين.

6 جنوري 1964ع

صبح سان جُوهوءَ وارو بنگلو ڇڏي گيتا جي گهر آياسين. سڄو ڏينهن اُتي چانهن تي ۽ منجهند جي مانيءَ تي ڪچهري ٿيندي رهي ــ شيام، سگن، مالهي، موهن ــ ساڍي اٺين بجي راجن آيو ته سڀ دوست ايئرپورٽ تي ڇڏڻ هليا ــ جهاز ۾ مدراسيءَ جو سگريٽ (؟) به اڍائي بجي ناگپور مان جهاز تبديل ــ رات جو ٽئڪسيءَ ۾ ناگپور جو چڪر ــ راج گيتا، اُميش ۽ آنيتا به ساڻ.

7 جنوري 1964ع

5 بجي صبح جو ڊم ڊم جي هوائي اڏي تي لٿاسين. سيءُ بي انتها ــ

ٽئڪسي ڊرائيور مان سنگهہ ـ آصف الدولہ روڊ ۾ ڪنات پئليس تي هوٽلن جي ڳولا ـ اِمپيريل هوٽل ڪنات پئليس ۾ رهائش ـ ماني ڪائي ٻي ٽئڪسي گربخش سنگهہ جي هٿ ڪٽي سين. صبح وارو (ٽئڪسي ڊرائيور) نہ آيو. رينا، سينٽرل، براڊ وي، اَشوڪ هوٽل جو چڪر ـ موٽي آياسين تہ هري ڪانت، گورڌن، هيم ناگواڻي ۽ لڇمڻ ڀاٽيا آيا. صبح سان گهمندي نهروءَ جي ڪار ۾ ويندو ڏٺوسين. هتان وانگر پوليس جي مارڌاڙ ۽ رستابندي ڪونہ هئي. منجهند جو گورڌن اياز جي گيت: "پيئوڙي يار جيئو ڙي يار" جي ڌن ٻڌائي. سنڌ ڪري غالب، خُسروءَ، نظام الدين اوليا جي مزارن تي حاضري. ٽوئرسٽ ڊپارٽمينٽ جي بس ۾ رزوريشن ڪراياسين. رات جو ڪچهري ـ پريو وفا، سترام ڪنياڻي، لعل موٽواڻي بہ آيا. 12 بجي آرامي ٿياسين.

8 جنوري 1964ع

صبح سان نوين بجي سترام، هري ڪانت، لڇمڻ ڀاٽيا ۽ شيام ڀاڳيا آيا. بنا نيرن جي ٽوئرسٽ بس تي گهمڻ وياسين. شرما گائيڊ ـ جنتر منتر، پارليامينٽ هائوس، انڊيا گيٽ، شير شاهہ روڊ، همايون جي قبر، قطب مينار، لڪشمي نارائڻ مندر ـ موٽي هوٽل تي ماني ڪائي ڪنات سرڪس ۾ ڪتابن جا دڪان ڏٺاسين. اياز ڪتاب وَرتا. ساڍي ٽين بجي بس تي وري روانا ٿياسين. فيروز شاهہ ڪوٽلا، اَشوڪا استمڀ، ترڪ ٽوئرسٽ، راج گهاٽ، گانڌي سماڌي، بادشاهي مسجد ـ مُلان سان فوٽوءَ تي بحث ـ آزاد ۽ سرمد جون قبرون، لعل قلعو ـ موتي مسجد تي چوڪيدار رڪپال سنگهہ ـ 'جَوَ ڊيري، گڏهہ رڪپال' وارو لطيفو ـ شام جو تيرٿ وسنت، هرو سدا رنگاڻي ۽ ٻيا مقامي اديب آيا. رات جو پراڻيءَ دهليءَ ۾ فلم "ديو داس" ڏٺي سين، جتان تانگي ۾ ڪنات پئليس آياسين. ٽي بجي رات تائين ڪچهري.

9 جنوري 1964ع

ساڍي 9 بجي آگري وڃڻو هو. ساڍي 11 نڪري سگهياسين. پوليس ۾ داخلا ڪرائي بس اسٽئنڊ تي آياسين. بس تي آرامده سفر گذريو ـ ڏگ تي ڪوسي ڪلان، مترا ۽ بندرا بن وڏا اسٽاپ آيا. (ڀتيءَ اهو نہ لکيو آهي تہ اسان ڀئي شهر چڱيءَ طرح گهمياسين. مصنف) شام جو آگري پهتاسين. هوٽل ويسٽ اينڊ ۾ رهياسين ـ ڪٿي سنڌي هيو ـ ڏاڍو سڪ ۾ قرب ـ عام

سواري تانگو آهي. تانگي تي آگري هوٽل ڊنر کائڻ وياسين. اُتان پنڌ تاج محل وياسين. پوٽا بہ ميل کن پنڌ هيو_ مان، اياز راجن، گيتا ۽ سترام _ ٻاهران پڪوڙن وارو ويٺو هو جو سنڌي هو. پڪوڙا کائي، ورهاڱي کان اڳ وارا پنجومل جا پڪوڙا ڏاڍو ياد آيا _ تاج جي ٻاهران گهٽو ڪري سنڌي سک تا رهن، چوڪيدار بہ اُهي هيا.

10 جنوري 1964ع

سترام غزل ٻڌايو جو اياز تي لکيو هيائين. اياز جي وائڙائپ گم شد گي _ پنهنجو ٽُٽ برش نہ سجاڻي سگهيو _ جورابا الڳ الڳ پاتائين _ ڏاڍو ڪلياسين، جنهن تي مُرڪيو. نيرن ڪري تاج تي آياسين _ گائيڊ آرڪيالاجسٽ تعميري خوبيون ٻڌايون. خان عبدالرشيد _ لان تي فوٽو ڪڍراياسين _ اُتان آگره قلعو گهمڻ وياسين. هند و مسلم ۽ گڏيل ثقافت اڪبر جي ڪري _ ڪنول، سوا ستيڪا، صليب ۽ ڊيوڊ جو اسٽار _ اندر محلاتن جي اڏاوت جئپوري طرز ۽ پٿرن جي _ خاص ڪري جوڌاٻائي ۽ تانسين جو محل _ تلاءُ _ جانورن جي ويڙهہ جو آکاڙو _ جهانگير جو ڪاري سنگ مرمر جو تخت _ شاهجهان جو قيد وارو برج، جتان تاج جو نظارو ڏسندو هو _ آئيني جو ذرو _ ڪا ٻي تاج محل جي اڏاوت بنيادن تائين _ گائيڊ معين الدين هاشميءَ سان ڳالهہ ٻولهہ _ جوڌاٻائيءَ جي محل ۾ حُسين شاهہ فاضلاڻيءَ سان ملاقات _ محل ڦوهارن ۽ تلاءُ جي ڪري ايئرڪنڊيشنڊ ٿيل _ شاهجهان جي قيد جي جاءِ _ شيش محل، ديوانِ عام ۽ ديوانِ خاص _ شام جو فتح پور سڪري گهمڻ وياسين _ نَو رتنن جا محل _ تانسين جي ڳائڻ جي ٻارنهن دَري، چوپڙ جو ميدان _ سنجها مهل بلند دروازي تان هيٺ نظارو _ اُداسِي ۽ ماحول ۾ مايوسي _ ديوانِ عام، ديوان خاص، پبلڪ ايگزيڪيوشن جي جڳهہ، شطرنج جو ميدان انارڪليءَ جو محل _ مينا بازار ۽ هوا محل _ بيربل ۽ ابوالفضل جا محل _ سليم الدين چشتيءَ جي مزار _ باس باسڻ ۽ اِڪڙي ٻڌڻ _ بلند دروازي تي ويهي سوچ ۽ فڪر ۾ گم ٿي ويڻ _ سترام، راجن ۽ گيتا جو ڳائڻ _ موتي اچي اُداسي دَور ڪرڻ لاءِ پي مدهوش ٿي ڪِرياسين.

11 جنوري 1964ع

ننڊ مان اُٿڻ سان هئنگ اوور (Hang Over) ۽ اُداسي _ ساڍي 10

بجي هوٽل ڇڏيوسين ـ تاج آياسين. اُتان خريداري ڪئي سين ـ معين الدين هاشمي قلعي وارو گائيڊ بہ آيو ـ ڪار ۾ ديالداس پارڪ ۾ راڌا سوامين جو مرڪزي مندر اڏاوت هيٺ ڏسڻ وياسين ـ سئو سالن کان پيو ٺهي، پر اڃا اڌ بہ نہ ٺهيو آهي، تاج جي مقابلي ۾. ٺهڻ بعد جمنا کي (؟) شهر مان خريداري ڪئي سين ـ رات جو موتي دهليءَ آياسين ـ ماني ۽ محفل آڪسفورڊ بُڪ ڊيپو وارن وٽ (مسٽر پريملاٽي) هئي. گورڌن اياز جون ڏنون ۽ سُر ٻُڌايا. پنهنجو شعر بہ ٻُڌايائين ـ ٻي ڏينهن اجمير موتي ويٺو هو.

12 جنوري 1964ع

9 بجي جاڳ ٿي. اياز 11 بجي حشوءَ وٽ ويو. اسان 12 بجي وياسين ـ ننڍڙو گهر، زال سَرلا، ڌيءَ نينا آرٽسٽ، پينٽنگس ڏنائين ـ حشوءَ سان سياست تي بحث ـ موٽندي پٽيل نگر ۾ ٻانيڻ جي گهر ۾ باجوڙيءَ ۾سِڪ جي گهر (راجن جو دوست) 4 بجي موٽياسين. شام جو چانهہ پريو ۽ آلواُچاٽيءَ (ڳڙهي ياسين واري) وٽ ـ لجپت نگر ۾ سنڌين جي بازار ـ اياز لاءِ ماچيسن جو مسئلو ـ وساريو يا گم ڪريو ڇڏي ـ گيتا پُڙو ماچيسن جو وٺي رکڻ شروع ڪيو ـ شام جو اياز جي کيسن مان اٺ ڏهہ ماچيس نڪرندا هيا ـ رات جي ماني هري ڪانت وٽ ـ سترام، شيام، راڄ، گيتا، حشو مهروان مستاٽي، مسزهيمر ۽ ڇڳاٽي وڪيل آيا. حشو سنڌ ۽ ون يونٽ تي ڳالهايو ـ لطيف جو خواب ۾ اچڻ حشوءَ کي ـ 4 بجي تائين جاڳياسين. رات جو هوٽل تي موٽي گيتا رُني.

13 جنوري 1964ع

نوين بجي سترام آيو. اُڏيري لال تي ڳالهہ ٻولهہ. جهولي لال جو ميلو. هري ڪانت، شيام ياڳيا ۽ ڊاڪٽر سدارنگاڻي بہ آيا. شاپنگ ڪري، گهمڻ وياسين. قومي عجائب گهر. سنڌ مان هٿ آيل ڪيئي نوادرات. گيتا جو گم ٿي وڃڻ. آرٽ گئلريءَ ۾ وڃڻ ـ رات جو ڊرنڪ تي بمبئي ۽ دهليءَ جي سنڌين جي اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ تي بحث ۽ ڳالهہ ٻولهہ. مختلف حالتون ـ رات جو فلم "گئودان" ڏٺي سين. گيتا جون ڀاتيہ سان گهرو مسئلن تي ڳالهيون.

"جو بات تجهہ مين هي، تيري تصوير مين نهين"

14 جنوري 1964ع

صبح سان ئي ڪمرو ڇڏيوسين. راجن ڪار وٺڻ جو خيال ڏيکاريو ـ اياز ۽ راجن ڪار ڏسڻ ۽ خريد ڪرڻ ويا. مان گيتا سان ڪمري ۾ ويٺو هيم ـ هند ۽ سنڌ جي اديبن تي ڳالهايوسين ـ لڇمڻ جي پرابلم تي گيتا روشني وڌي. ڪشن چند ٻاتيا، بيدل جو مريد روهڙيءَ وارو ٻڌي ملڻ آيو ـ شام جو پريملاٽيءَ وٽ گڏجاڻي. مشاعرو هو آجيان ۾. دٻگ تي گهٻراهٽ متعلق جوڪس (Jokes). گيتا جي لاڙڪاڻي واري لهجي تي ٽوڪ ۽ چرچا "مَشيءَ جو پُش آشو آهي." اتي حشو خاندان، سرلا، حشو مينا، بينا، گل، (ع) تيرت وسنت، اجواڻي، هريڪانت ۽ ٻاٽيا گيت ۽ راڳو ٻڌايو ـ مهرواڻ مهتاڻيءَ تصويرون ڏنيون ـ امرلال ساڌواڻي، سترام جا بيت ٻڌي ويٺل ۽ اسان روئي پياسين ـ رات جو دير تائين محفل هلي ۽ اسان جي آجيان ۾ تقريرون ٿيون ۽ بيت پڙهيا ويا.

15 جنوري 1964ع

منجهند تائين هوٽل ۾ رهي، منجهند جي ماني حشوءَ وٽ کائڻ وياسين ـ سنڌ ۽ ملتان تي بحث. موٽي هوٽل تي آياسين تہ ڪار بہ اچي وئي ـ شام جو سترام جي گهر سبزي منڊي وياسين. سنڌي محلو ـ تِرَموري، لال لوئي ۽ زنده پير جو ذڪر. سترام جو پٽ اشوڪ ـ اُتان گهمندي راج جي دوست مهتاب سنگهہ جي گهر وياسين جتي ماني هئي. ڏيڍ بجي باءِ روڊ روانا ٿياسين ـ هوٽل تي سترام، هيم، ٻاٽيا، شيام موڪلائڻ آيا. موڪلائڻ مهل وري ورهين جي جدائيءَ جو احساس. اُداسي ـ اکيون آليون.

(نوٽ: پٺيءَ کان نہ ڄاڻان اهو لکڻ ڇو وسري ويو آهي تہ شيام ٻاڳيا، جو سنڌو سماج جو سيڪريٽري، اُن سجاد ظهير کي منهنجي اچڻ لاءِ ٻڌايو هو ۽ هو منهنجي هوٽل تي اچي ڪارڊ ڇڏي ويو هو ڇو تہ ان وقت اسان آگري ويا هياسين. اُن کان پوءِ جڏهن موٽي آياسين تڏهن شيام ٻاڳيا مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ سجاد ظهير مون سان ملڻ ٿو چاهي ۽ ڪالهہ بہ آيو هو ۽ پنهنجو ڪارڊ ڇڏي ويو هو. مون اياز کي چيو: "ائين مناسب نہ آهي. آءُ ٿو هُن وٽ هلان." پوءِ شيام ٻاڳيا ۽ پٺيءَ سان گڏجي هن جي پاءُ جي بنگلي تي ويو جتي هو رهيو پيو هو. سجاد ظهير جو پاءُ نهرو ڪئبينيٽ ۾ شايد منسٽر هو. (بنگلي ۾ هڪ شاهي لان هئي، جنهن تي سجاد ظهير ۽ صفيہ سجاد ظهير سان گڏ

هندستان جو مشهور ڪيمونسٽ اديب مُلڪ راج آنند ويٺو هو. ان ملاقات جي باري ۾ مان ”جڳ مڙيوئي سپنو“ ۾ اڳي لکي چڪو آهيان - مصنف)

16 جنوري 1964ع

صبح جو هڪ ڏيڍ بجي (رات جو) باءِ روڊ وايا آگره روانا ٿياسين. تاج ڪي اوندهہ مان ظهور پذير ٿيندو ڏسڻ لاءِ - رات جو انڌاري ۾ گم ٿيندو ۽ چانڊوڪيءَ ۾ اڳ ڏسي ويا هياسين. ڏيڍ سئو ميل فاصلو - ليکراج چوڌري، ڪار جو دلال بہ بمبئي تائين گڏ هلڻو هو پئسن وٺڻ لاءِ. گاڏي اُن پٺي هلائي- پوڻين پنجين بجي (صبح جو) تاج جي ٻاهران پهتاسين - ستين بجي گيٽ کلندو آهي. سج ستين بجي اُڀري ٿو. اسان مين (Main) گيٽ جي جهروڪن ڪان ٻيهي رهياسين. ٻاهران ڪنهن بي بي رابعہ بصريءَ جي مقبري تي (۾) هندو ڀڄن ۽ ڪيرتن ڳائي رهيا ها. انهن شاهہ جو ڪلام بہ ڳايو. پوءِ خبر پئي تہ اُهي اتان جا سنڌي هيا. جي لڏي اچي، اتي ڀڄن، ڪيرتن ۽ ڪافيون ڳائيندا ها. تاج ڪي اونده مان نروار ٿيندو ڏسي، آگري هوٽل آياسين. نيرن اُتي ڪئي سين - گواليار لاءِ روانا ٿياسين، جو 13 ميل پري هو ۽ چنبل گهاٽي ٽپي، مڌيہ پرديش ۾ داخل ٿياسين. اها گهاٽي ڌاڪن جو آماجگاهہ آهي. چنبل ندي ٽپڻ تائين مزو رهي ٿو. گواليار جو قلعو هڪ اوچي پهاڙ تي آهي، لوڌي خاندان جي ڏينهن ۾ ٺهيو. 1416ع ۾ هڪ درٻاري سردار مان سنگهہ ٺهرايو. جنهن کي نَوَ راڻيون هيون. هن شهر جي آسپاس ۾ ورڻ سنڌ وارا ها. شهر جي ٻاهران اُڃ لڳي. سبيل تي پاڻي ٻُڪ ۾ سيني کي. اها ڪنهن ٺاڪر برهمڻ جي سبيل هُئي. اتي هڪ مرگهہ نين گُجر، مستاني چال واري ملڻ - راءِ ڳائون ڳوٺ ۾ سانن جي ويڙهہ - قلعي ۾ هينئر ميوزم آهي. اورنگ زيب مراد کي اُتي هَوَن ڪنڊ ۾ قيد ڪري مارايو هيو. 1857ع ۾ سنڌ يا قلعو هٿ ڪيو - ساس بهو مندر. قلعي جي چاڙهي خطرناڪ. وولگا هوٽل ۾ منجهند جي ماني. اڳتي روانگي - ماهيا ۽ پاروَتي ندي - هن علائقي ۾ شينهن جام آهن. سنجها تائين ڪو ڊاڪ بنگلو نظر نہ آيو. رات جو شِوَ پوريءَ پڳاسين. نئون ضلعي هيڊڪواٽر هو پر ڪو سٺو هوٽل ڪونہ هو. هڪ هوٽل اسٽئنڊرڊ تي چانهہ ويٺي پيتي سين تہ بيرو سنڌي نڪري پيو. پنهنجي گهر رهڻ لاءِ زور پرڻ لڳو. سڄي شهر ۾ هڪ ئي سنڌي گهر ننڍو هڪ ڪمري وارو. هڪ ڌرم شالا هئي. سا بہ گندي. ڊاڪ بنگلو 16 ميل

پري، وڃڻ مناسب نہ ـ هڪ زيرِتعمير هوٽل "شِوَ پوري لاج" ۾ رات ٻاهہ ٻارائي ڪاٽي سين. تلوڪ چند، پشاور جو هندو چوڪيدار.

17 جنوري 1964ع

صبح سويرو (مان ڏاڍو ساجهري لان ۾ ماڪَ پنل گلاب ڏسي رهيو هوس — مصنف) بيرو شيام سندر گهران چانهہ نهرائي ڪٽي آيو ۽ نيرن لاءِ گهر وٺي هليو. سندس ماءُ کي سنڌين ڏسڻ جي چاهنا. نيرن ڪرائي، پاپڙ ۽ پيڙا بہ ٻڌي ڏنائون. روانا ٿياسين تہ رستي تي ڪجين جا وڻ گهٽا هئا. رستي سان فصل بجاءِ ٻاجيون گهٽيون. ساوڏان گهاٽ ۾ لنچ ڪاڌي سين. هڪ ماٺهو هوٽل ٻاهران شڪار ڪيل ٻٽير ڪٽي رهيو هو. اُن کان درجن کن ٻٽير وٺي پچراياسين. وَري اجين روانا ٿياسين. (نوٽ: اُجين هاءِ وي کان اندر اسي ميل پري هو — مصنف) سج لهڻ کان ڪجهہ اڳ ۾ ماڊرن اُجين ۾ داخل ٿياسين. 4 لک آبادي —ڏهہ سيڪڙو سنڌي. سنڌين جي ڪالوني، اسڪول ۽ اسپتالون-وڪرماجيت جي راڄڌاني پُراڻواُجين-ڪالي داس، راجا پرتري هري، سنجها جو مندر ۾ آرتي پوڃا، اَڪال مندر، ڪالي مندر، پرتري ۽ گور کناٿ گفائون. گئريبو (؟؟) تي ڪچي چوڪرو اسان کي بہ سنڌي سمجهڻ لڳو. اڳتي روانا ٿياسين. 1 بجي اِندور پهتاسين. سنو هوٽل "وِڪرم لاج" سنڌيءَ جو هو. ڪمرو خالي نہ هو پر سنڌي هئڻ ڪري مئنيجر پنهنجو ڪمرو خالي ڪري ڏنو.

18 جنوري 1964ع

صبح جو هوٽل ۾ ناشتي تي گيتا نالا عام شين جا ٻڌايا. تاءِ (ڪنٺ- لنگوٽ : مصنف)، اسٽيشن (اگني رَٿ وشرام ڳڙهہ —مصنف)، سنگل (آوَت جاوَت سُوچڪ-يَنتر: مصنف) ليٽر باڪس (پَتر- گهُسيڙو: مصنف)، ابوالڪلام آزاد، جوش مليح آبادي (هندي لفظ ياد نہ آهن —مصنف) شاعرِ انقلاب (ڪوي اُلٽ پُلٽ: مصنف)، وڪيل (ياڙُو —مصنف)ايئر پورٽ (پَوَن رَٿ وشرام ڳڙهہ —مصنف) جا.

ٻاهر واڪ (walk) لاءِ نڪتاسين تہ عاليشان هوٽل جي گيٽ تي هڪ سادو سودو غريب واٽيو ڪيلن جو ٽوڪرو رکيون ويٺو هو ڪرم چند نالو هوس، لاڙڪاڻي جو هو. ان ڪري اتي ويهڻ ڏنو هياٺونس. گيان باغ جو نالو

ڪنيم تہ روئي وينو. زوريءَ ڪيلو ڪارايائين ۽ ٽوڪرو ٽي اندر ڪٽي آيو ۽ زوريءَ سيني کي ڪيلو ڪارايائين. (دراصل مان ۽ گيتا باڪ جو هوٽل جي گئلريءَ ۾ ويٺا هئاسين تہ هيٺان ڪيلن وارو نظر آيو. گيتا چيو تہ "هي سنڌي آهي." مون هن کي چيو تہ "تون ڪيئن ٿي چئين تہ هي سنڌي آهي؟" هن جواب ڏنو: "عجب آهي! تون سنڌ جو شاعر آهين، توکي تہ نڪ نقشي مان سڃاڻي وٺڻ گهرجي تہ فلاڻو سنڌي آهي. هل تہ هيٺ هلي هن سان ڳالهايون." مان هن سان هيٺ لهي ويس ۽ گيتا ڪيلن واري کان پڇيو تہ: "تون سنڌي آهين؟" هُن جو منهن ٽڙي پيو ۽ چيائين: اوهان سنڌ مان ٿا اچو؟ مصنف) سنڌي ۽ سنڌ لاءِ تڙپيو پئي. ڪانگريس کي گاريون پئي ڏنائين، جن پارت ماتا جي آسري سنڌ ڇڏائي هيس . انبور ۾ سنڌي ڳچ ٿا رهن. سنڌن پنهنجا اسڪول آهن. شهر ۾ ڪانچ، مندر ۽ شيش محل ڏسڻ جهڙيون جايون آهن. شهر ۾ 24 جين ڌرم جا مندر آهن. مارواڙي بہ رهن ٿا. شهر گهمي اڳتي روانگي- پريوگهاٽيءَ مان گذر- مري ۽ ننڍيا گليءَ جا نظارا- ڪالي گهاٽ ڊاڪ بنگلي ۾ آرام لاءِ ترسياسين، جو نربدا نديءَ تي آهي. روپ متي باز بهادر – اتان ڏهہ ٻارنهن ميل پري مالوا- 5_7 ميل پري منگتي ۽ سنڌوا گهاٽي، جا مڌيہ پرديش ۽ مهاراشٽرا جي بارڊر تي آهي. اسان جي منزل جل گائون (اجنتا)، سفر ۾ ڪو هوٽل نظر نہ آيو نہ ڊاڪ بنگلو- سياست تي بحث- سنڌي پنجابي لوڪ گيت ڳاياسين پئي- رات جو هڪ بجي نيري پهتاسين، جتان جل گائون 14 ميل پري هو- ات ڊاڪ بنگلو- رات قيام – ماني ڪانہ ملي- چانهہ بسڪوٽ تي گذر- رات جو بنگلي جي اڱڻ ۾ تارن جو اپياس، نظارو (ان ۾ پتي شريڪ ڪونہ هو- مصنف)

19 جنوري 1964ع

صبح جو مارننگ واڪ ڪئي سين، جيستائين نيرن تيار ٿي. چوڌري ڊرائيور بيمار ٿي پيو. ماني نہ کاڌائين، روانا ٿياسين. اجنتا تي بحث ڪندا آياسين. ڪنهن جي تخليق هئي؟ گهڻا ورهيہ- 27 غارون منجهند جو ٻي بجي تائين گهمياسين (مون اجنتا تي تفصيلي نوٽ ورتا هئا_مصنف). اُتي ٽوئرسٽ هوٽل ۾ ماني کائي اڳتي روانا ٿياسين- شام جو اورنگ آباد جو شهر- مسلمان اڪثريت – بي بي رابعہ جو مقبرو تاج جو نقل- پن چڪي- چار مينار- الورا جون گفائون-حيدرآباد دکن کي چار ٽڪر ڪري

مهاراشٽرا، اوڙيسا، مدراس ۽ ميسور ۾ ملايو ويو آهي. جل گائون ۽ اورنگ آباد ۾ ترڪي ٽوپي نظر آئي. محبوبه جي قبر تي اورنگزيب جو مقبرو اڏائڻ- اردو هتي عام زبان- مارواڙي منائي مشهور- اڳتي هلي بيجاپور جي ڊاڪ بنگلي تي اچي رات ڪٽي سين- رستي تي چور باچو جي اَمر ڪهاڻي ٻڌائي- ڊاڪ بنگلي ۾ رات جو ٻاهر ڪچهري ڪئي سين- سيءُ گهٽ – اياز پنهنجو نئڊيڻ ٻڌايو- گيتا "جب تيري شهر سي گذرتا هون "، "دونون جهان تيري محبت مين هار کي"، "پريتم آن ملو" ٻڌايو . هڪ بجي پڳاسين- ننڊ نه ڪئي سين.

20 جنوري 1964ع

ٻه ڪلاڪ ٽڪ پيچي 3 بجي (رات) وري روانگي- ناسڪ کان اوري ڦاٽڪ بند- اڌ ڪلاڪ انتظار- شيوا جي مرهٽي-افضل خان- اورنگزيب تي ڳالهه ٻولهه. "پيپل گائون" ۾ چانهه پيتي سين- ساڍي ستين بجي ناسڪ پهچڻ- رام سيتا-پانڊو- سيتاهرن- رامچندر مندر-اڳناپور ۾ ماني- مرهٽڪي هيڊ ۽ ڪنائي گهٽي – نه وَٽي- دڳ ۾ ايڪسيڊنٽ – سائيڪل سوار چوڪرو ڪار هينان اينڊي بچي ويو- اوچتو بريڪ ڪري- گيتا جو روئڻ – چوڏريءَ سان جهڳڙو- پنجابي ذهنيت- رات جو ماني بزار جي هڪ هوٽل ۾ کاڌيسين. (پٽيءَ کان وسري ويو ناسڪ ۾ گوداوري نديءَ تي ٻاڪ جو سير- گهاٽي پپل هينان پٽل جي گهاگهرين سان خوبصورت نارِيون، ناسڪ بازار مان خريداري، ناسڪ ۽ چُر مان ٻئي پاسي وڃڻ، وغيره-مصنف)

21 جنوري 1964ع

صبح جو نيرن ڪري شهر گهمڻ – شهر جي جاگرافي سمجهه کان ٻاهر- جئوير، راجن ۽ موهن جي آفيسن ۾ وياسين. ڪاڏي پنڊار وڃڻ ۽ خريداري- سڀ شيون آڏاٽي جون اُٽيل هيون. اخبار "ڊان" ملي وئي. (بمبئيءَ جي انهيءَ چڪر ۾ مان پٽيءَ سان گڏ نه هوس- مصنف). موهني (ارجن شاد جي شريمتي) آل انڊيا ريڊيو تي هلي –موٽندي جڳت آڏواڻي گهر لاٿو-گيتا جي گهر موهنيءَ، راٽي ۾ "بادل ڙي بادل ڙي، منهنجا نيڻ نتا بَس ڪن" ڳايو-هن جي پيڻ ارجن جي ساليءَ سُڏا "جنهن ماءُ ڏني مون کي لولي" ڳايو- جوتي ڪلش چلڪي(؟) بتيون وسائي ڳاتائين-اُتي

نندجويريءَ کي هري موٽوائي وٺي آيو. پڏايائين تہ اج طارق اشرف جي شادي هئي-مذهب ۽ ڪلچر تي شادين جي نسبت سان بحث (غالباً پٽيءَ گفتگوءَ لاءِ بار بار بحث لفظ ڪم آندو آهي-ش. ا) رات جو جوهوءَ وياسين. راجوءَ کي ڏنڌي ۾ نقصان ٿيو هو. موڊ خراب. گيتا ۽ راج جو جهيڙو. گيتا چادر ڪٽي هلي وئي- پنهنجو ۽ اياز جو جهڳڙو تي پيو(پٽي زندھ هجي ها تہ هن کان پڇان ها تہ ڇاتي جهڳڙو ٿيو هو؟ دراصل ڪوئي جهڳڙو ڪونہ هو. پٽيءَ خريداريءَ لاءِ ڪافي پئسا تي گهريا. مون هن کي ٿورا ڏنا، ڇوتہ مون ڪافي ڪتاب ورتا هئا ۽ مون وٽ پئسا بچيا ئي ايترا هئا. جيستائين هئا تيستائين مون پٽيءَ کي ڪڏهن انڪار نہ ڪيو هو. ان ڳالهہ ۾ نوبت جهڳڙي تائين بہ ڪونہ پهتي هئي، پيو ڇاتي جهڳڙو هو سو مون کي ياد نہ ٿو اچي-مصنف)

22جنوري 1964ع

صبح جو راجو شهر هليو ويو. نيرن ڪئي سين تہ موٽي آيو. راج سان شهر جو چڪر- جئوير ۽ راج جي آفيس-سندس دوست ٽنڊن چوڌري-مَرِين ڊرائيو-ايراني هوٽل تي چانهہ -بمبئي يونيورسٽي- موهن جي آفيس ، بس جي سواري-قطار-چڪر ڏئي اياز بور ٿيو-موٽي آياسين-مالهي ۽ جڳت آيا- لکمي چند گٽار پليئر ٽيپ رڪارڊر آندو- اياز شعر رڪارڊ ڪرايو.

23جنوري1964ع

صبح جو نيرن تي ڳالهيون ڪندي روئي وينس(افسوس پٽي زنده نہ آهي جو هُن کان پڇان ها تہ ڇو رُنين؟ هن جو جواب جيڪر ڪيئي ڳالهيون سلجهائي سگهي ها! مصنف) منجهند تائين گهر رهياسين. گيتاڪڙهي، پاجيون ۽ چانور تيار ڪيا. شام جو ريڊيو ڪلب پارٽي- کيمچند، راهي، مايا،جئوير، راجن ٽنڊڻ، وِوِد پارٽي وارو شرما، هري پنڪج، گوپ گولاٽي، واسديو نرمل، پوپٽي هيرانندائي، شاد، موهني، سُڏا، اُتان هئنگنگ گارڊن-ڪملا نهرو پارڪ- شاد سان گروپ فوٽو-شاد وٽ سُڏا جو ”يون حسرتون ني داغ محبت کو دهوليا“ ۽ ”جوتي ڪلش ڇهلڪي“ ڳائڻ- گيتا ننڊ ڪري پئي ۽ ڪونگهرا هڻڻ لڳي. (فقط ننڊ واري ڳالهہ صحيح آهي. باقي پٽيءَ جو وڏاءُ آهي. پٽيءَ کي غصو گهڻو هوندو هو- مصنف) شام جو ڪيرت جي گهر گڏجاڻي-گُنو مايا، راهي، ايشور چندر، لوڪناٿ جيٽلي،

هري نند، پنڪج هري، جئوير، آنچل، گوپ گولاڻي، لعل، ڪويتا، سندري، اُتم، ڪِشور، سگن، ايم ڪمل، واسديونرمل، -5 بجي تائين ڳالهه ٻولهه ڪئي. سيڪس (Sex) تي بحث- سماج، اديب، جنسيات، سگن جا لطيفا- اُتم تي دوستن جو حملو(زباني) ڇهين بجي گهر اچي سامان ٻڌڻ لڳاسين - سياڻي روانگي آهي.

26جنوري1964ع

موڪلاڻيءَ جي گڏجاڻي ڪيرت جي گهر تي- صبح جو شيو (Shave)، سنان ڪري واشنگ تان ڪپڙا ڪڍي آيم- گنو ۽ موهن گهر آيا- اياز ۽ موهن جو ادب، ترقي پسند ادب ۽ اُتم تي ڇتو بحث-ڪتاب ڪجهه کنياسين، ڪجهه اُتي بند ڪري رکياسين. پاڻيءَ واري جهاز يا ريل رستي موڪلڻ لاءِ. گيتا هَر هَر چانهه پيارينديءَ رهي-مان نند جويريءَ سان ٽاڻي تي رپورٽ روانگيءَ جي ڪرائڻ ويم. شام جو ڪيرت وٽان گهڻا دوست گڏجي ايئر پورٽ تي آيا - جئوير، گوبند پنجابي، سگن، سنتو واسواڻي، گيتا، واسديو نرمل، جڳت، ديوي، ارجن موتواڻي، موهن (شايد سُندريءَ مون کي هڪ ڏينهن اول چيو هو ته سياڻي مان ايئرپورٽ تي نه ايندس. مصنف). اندر لائونج ۾ ويهڻ لاءِ انتظار پئي ڪيوسين ته هڪ سنڌي هندوءَ جو اچڻ، جو نالا پڙهي سنڌي سمجهي ملڻ آيو هو ۽ بسڪٽ جو دٻو ڪڍي آيو هو. مون کيس ٻڌايو ته شيخ مبارڪ (منهنجو پاسپورٽ ۾ نالو - مصنف) به سنڌي آهي ته اُن سان مليو - هن جو اهو روز جو معمول آهي ته ڪراچيءَ ويندڙ مسافرن جي لسٽ پڙهندو آهي ۽ جيڪو سنڌي لڳندو اٿس، اُن کي سوکڙي ڏيندو آهي.

سُڪل ٻوڙها وَري جاري تي ويا - رُئندڙ اکين ۽ ڳرن پيرن سان جهاز تي چڙهياسين. جهاز مٿي چڙهيو ته ايئرهوسٽس کي وسڪيءَ جو چيوسين. اڌ ڪلاڪ ۾ پئنٽ پوري ڪري نند ۾ هليا وياسين ۽ ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي هوسٽس جاڳايو - سڀ مسافر لهي ويا رڳو اسان ٻه ويچي بچياسين. (پٽي مون کان اڳ جاڳيو هو. هن کي مون کي جاڳائڻ ۾ دير ٿي - تي پيرا ته هن وارن کان ڇڪي ڪنڌ مٿي ڪيو پر وَري اُهو جهڪي ويو. هُن وٽي رڙيون ڪيون ۽ ايئر هوسٽس مون کي مُنهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا. دراصل مهيني کان انهيءَ سفر ۾ مون فقط هڪ رات جيتري نند ڪئي هئي. مصنف)

پڻي جا اکر ڏاڍا خراب آهن ۽ مون مشڪل سان اُنهن کي پڙهيو آهي. جيڪي لفظ مون کي سمجهہ ۾ نہ آيا آهن. اُنهن ڪانپوءِ مون (؟) نشاني ڏني آهي ۽ جيڪڏهن ڪجهہ وضاحت طلب آهي، انهيءَ جڳهہ تي مختصر نوٽ شامل ڪيو آهي ــ مان هن سفر تي هڪ نهايت خوبصورت سفرنامو يا ناول لکي سگهان ها، جو پاسترناڪ جي ناول ”ڊاڪٽر زواگو“ کان زياده زوردار ثابت ٿئي ها. پر حالتن جي ستم ظريفيءَ مون کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو. مان ڊائري بہ پڻي وانگر نہ لکان ها. هن فقط پنهنجي پسند جون ڳالهيون لکيون آهن. مون کي ڊائري وفات کان بہ ٽي مهينا اڳ ڏني هيائين، جا مون هينئر پهريون ڀيرو پڙهي آهي.

وڏيڪ ڇا لکان؟ هڪ شعر ٿو ياد اچي جو مون ننڍي هوندي پڙهيو هو:

اڪنــون ڪــرا دمــاغ ڪــہ پرســد ز باغبــان
بلبل چہ گفت، گل چہ شنيد و صباچہ ڪرد.

ترجمو: هاڻي ڪنهن کي ايترو مٿو آهي جو باغبان کان پڇي تہ بلبل ڇا چيو، گل ڇا ٻڌو ۽ پرهہ جي هير ڇا ڪيو! (مصنف)

# ضميمو پهريون

## عوامي ادبي انجمن جو پڌرنامو

(نوٽ: هي هڪ ڪميونسٽ پڌرنامو آهي، جنهن سان هاڻي مون کي اتفاق نہ آهي.)

اڄڪلهہ اسان جو سماج وڏين آزمائشن منجهان گذري رهيو آهي. پاڪستان کي وجود ۾ آئي ويهہ ورهيہ ٿي چڪا آهن، پر اسان جي سماجي زندگيءَ جو رخ اڃا قائم ٿي نہ سگهيو آهي ۽ نہ اڳتي وڌڻ جون اسان جي اڳيان ڪي راهون ئي واضح ٿي سگهيون آهن. ماڻهن کي پنهنجي قسمت جي فيصلي ڪرڻ جو اختيار نصيب نہ ٿيو آهي. زبان ۽ قلم تي قسم قسم جون پابنديون لڳل آهن ۽ ان سبب چوڌاري بي چيني ۽ مايوسي پکڙيل آهي، ادب ۽ فن جو سرجڻهار طبقو جنهن جو فرض عوام جي رهنمائي ڪرڻ هو، پاڻ ئي ذهني مونجهارن ۾ ورتل آهي ۽ ان ۾ ڪي اهڙا لاڙا اڀري رهيا آهن جيڪي ادب ۽ سماج ٻنهي لاءِ هاڃيڪار آهن. ڪي قلم جا صاحب زندگيءَ کي ئي اجايو ۽ بي مقصد سمجهڻ لڳا آهن. ڪي اديب پنهنجي تجربي، مشاهدي ۽ مطالعي جي باري ۾ سائنسي نقطہ نظر اختيار ڪرڻ بدران توهم پرستيءَ کي اُياري رهيا آهن. ڪي قدامت پرستيءَ ۽ انڌيءَتقليد جو پرچار ڪن ٿا ۽ تنقيد، اجتهاد ۽ نون تجربن کان پري ڀڄن ٿا. ڪي صاحب هئيت جي تجريدي تجربن ۾ رُڌل آهن ۽ نئين تخليق جي ماهيت ۽ معنويت کي ڪابہ اهميت نٿا ڏين. ڪي اديب شديد داخليت ۽ فراريت جو شڪار آهن. مطلب تہ هنن اديبن جون لکتون، انساني زندگيءَ جي مسئلن جي احساس کان خالي ٿينديون وڃن ٿيون.

اسين هي سمجهون ٿا تہ اديب، دانشور ۽ فنڪار سماج جي ضمير جو آواز ۽ سماج جا حساس ۽ باشعور عنصر ٿين ٿا. اسان جو هيءُ ويساهہ آهي تہ پنهنجي تخليق وسيلي، پنهنجي سماج ۽ عام انساني سماج جي بهتريءَ ۽ ترقيءَ ۾ مدد ڏيڻ، اسان جو هڪ سماجي ۽ اخلاقي فرض آهي. اسين ان

ڳالهہ جو شعوري احساس رکون ٿا تہ اديب پڻ ٻين شهر واسين وانگر، اجتماعي زندگيءَ جو هڪ فعال حصو ٿين ٿا. پنهنجي فرض جو هي احساس اسان جي انهيءَ ادبي نقطہ نظر جو نتيجو آهي تہ سمورو ادب حقيقت ۾ سماجي زندگيءَ جي ئي پيداوار ٿئي ٿو ۽ پيو تہ هر صحيح ۽ صحتمند ادب اجتماعي زندگيءَ جي رڳو عڪاسي ئي نٿو ڪري، بلڪ ان جو معمار ۽ رهنما پڻ هوندو آهي. زندگيءَ جي تنقيد ڪرڻ ان جو حق آهي ۽ سائنسي ۽ عقلي بنيادن تي ان جي تبديليءَ ۾ مدد ڏيڻ ان جو فرض ٿئي ٿو.

اِهو نقطہ نگاهہ اسان کي هي بہ سيکاري ٿو تہ اُها سماجي حقيقت جنهن کي سمجهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ ۽ جنهن کي بدلائڻ ۾ ٻين سان گڏجي حصو وٺڻ اديب جو اخلاقي فرض آهي. اُها حقيقت پنهنجي سِر هڪ ئي شيءِ آهي ۽ ان کي معيشت، سياست ۽ تهذيب جي الڳ الڳ خانن ۾ورهائي نٿو سگهجي. انهيءَ ڪري، فن جي تقاضائن کي پورو ڪندي، زندگيءَ جي معاشي، سياسي ۽ تهذيبي پاسن جي عڪاسي ۽ تنقيد ڪرڻ ئي هڪ سچي ۽ صحيح اديب جو ڪم آهي.

هيءَ ڪم جيڪو اسان پاڪستاني اديبن کي اڄ پورو ڪرڻو آهي، اڳي ماضيءَ ۾ پڻ اسان جي ملڪ جي اديبن ۽ فنڪارن اهو سرانجام ڏنو هو ۽ انهن کان اسان کي ادب ۽ فنونِ لطيفہ جو هڪ وڏو ۽ بي بها خزانو ورثي ۾ مليو آهي. اردوءَ ۾ ۽ قومي ٻولين ۾ عظيم ادبي سرمايو موجود آهي. اسين پاڻ کي ان جو محافظ ۽ امين سمجهون ٿا، پر اکيون ٻوٽي، ماضيءَ جي ساراهہ جا ڍڪ پيرڻ بدران، اسين انهن بزرگن جي فني تخليقن ۽ فڪري لاڙن جي تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪريون ٿا ۽ انهن جي انسان دوستيءَ، حق گوئيءَ، سچائيءَ، انصاف پسنديءَ، صلح جوئي ۽ زندگيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ جي جمالياتي قدرن کي پنهنجو اثاثو بڻايون ٿا.

گذريل ويجهي دور ۾ اسان جي اديبن ۽ فنڪارن جمهوريت جي ترقيءَ ۽ فڪر ۽ خيال جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ جيڪي عظيم خدمتون بجا آنديون آهن، انهن کي پڻ پنهنجي قلم جي وسيلي انهيءَ ساڳيءَ خدمت جي بجا آڻڻ لاءِ،اسان پنهنجي ملڪ جي شهري آزادين جي بحالي ضروري سمجهون ٿا ۽ چاهيون ٿا تہ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جي اشاعت تان هر طرح جون نامناسب پابنديون هٽايون وڃن.

اسان جو هيءُ عقيدو آهي تہ شهري آزادين جي بحاليءَ جو سٺو مسئلو اديب ۽ عوام ٻنهي جو گڏيل مسئلو آهي. جڏهن عوام انهيءَ ۾ آزاد هوندا آهن تہ پنهنجي تجربي جي روشنيءَ ۾ آزاديءَ سان پنهنجي اجتماعي ترقيءَ جو رستو ڳولي لهن ۽ آزاديءَ سان ان رستي تي هلي سگهن، تڏهن سماج ۾ تخليقي صلاحيتن ۾ جاڳرتا ايندي آهي ۽ جن جي فنڪارانہ ترجمانيءَ سان اسان جون ادبي ڪاوشون، فني تخليق جي صورت وٺنديون آهن. اُن سان گڏوگڏ جيڪڏهن اديبن کي بہ پنهنجي ضمير ۽ فڪر پٽاندر لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي ڀرپور آزادي هجي تہ ان حالت ۾ اسين پهنجي سماجي زندگيءَ جي صحيح ترجماني ڪري سگهون تا ۽ پنهنجي ادبي تخليق جي مدد سان هِن زندگيءَ جي سڌارڻ ۽ سينگارڻ ۾ حصو وٺي سگهون تا.

اسان جي خيال موجب، انهيءَ جمهوري آزاديءَ ۾ قومن جي ترقيءَ جو مسئلو پڻ شامل آهي. اسين چاهيون تا تہ اسان جي ملڪ ۾ جيڪو مختلف قومن جو وطن آهي، اهي حالتون پيداڪيون وڃن، جن ۾ سڀ قومون، انهن جون ٻوليون ۽ تهذيبون ڪنهن بہ هڪ قوم جي اثر ۽ دٻاءَ کان آزاد رهي خودمختيارانہ ترقي ڪري سگهن. اسين سڀ اديب، سيني قومن لاءِ هڪجهڙي اندروني خودمختياري ۽ انهن جي ٻولين لاءِ تعليم، دفتر ۽ ملازمتن جي چٽاڀيٽيءَ جي ٻوليءَ جي بنجڻ جو حق چاهيون تا. ان لاءِ هي ضروري آهي تہ اسان جي اڳين غيرملڪي آقائن جي پرڏيهي زبان، انگريزيءَ کي اسان جي درسگاهن ۽ دفترن مان ڪڍيو وڃي ۽ اردو کان اولهہ پاڪستان جي مختلف علائقن جي وچ ۾ ڳانڍاپي جي ٻوليءَ جو ڪم ورتو وڃي.

اسان جي خيال ۾ پاڪستان جون سڀ قومون هڪجهڙن حقن جون مالڪ آهن ۽ سڀ شهري، بنا ڪنهن نسل، رنگ ۽ مذهب جي ويڇي جي، هڪ ٻئي جي برابر آهن ۽ پاڪستان جي هر علائقي جي رهواسين کي سماجي، معاشي ۽ تهذيبي ترقيءَ جو پورو پورو حق آهي.

اسان جي عوام جي مادي خوشحاليءَ ۽ تهذيبي ترقيءَ لاءِ، جو ئي انهن جمهوري ۽ شهري آزادين جو مقصد آهي، اسين هي ضروري تا سمجهون تہ چالو تعليمي نظام کي، جيڪو غيرملڪي آقائن پنهنجي سامراجي مقصدن لاءِ اسان تي مڙهيو هو ملڪ جي سماجي تقاضائن سان هم آهنگ ڪيو وڃي ۽ سائنسي ۽ عقلي بنيادن تي ان کي نئين سر ترتيب ڏني وڃي.

تعليم کي عام ۽ سهانگو ڪيو وڃي ۽ درسگاهن جو معيار بلند ڪيو وڃي، مگر اسين هي محسوس ڪريون ٿا تہ اسان جي سماجي ۽ تهذيبي ترقيءَ ۾ ملڪ جي اندروني حالت ۽ عالمي سامراج جي اتحاد سخت رڪاوٽون پيدا ڪري رکيون آهن. عالمي سامراج جي اڳراين، جن جو سڀ کان وڏو مرڪز ۽ سهارو آمريڪي سامراج ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ زوريءَ مداخلت ڪري، آزاديءَ ۽ جمهوريت جي قدرن کي جنهن طرح پامال ڪيو آهي، اهو سڀني جي اڳيان پڌرو آهي ۽ خود اسان جي آزاديءَ، معيشت، معاشرت، اخلاق ۽ تهذيب فڪر جي رنگ ڍنگ تي آمريڪي سامراج جي ڳانڊاپي سبب جيڪي هاڃيڪار اثر پئجي رهيا آهن، اُهي روز اسين ڏسي رهيا آهيون ۽ ان اسان جي ملڪ جي جاگيرداريءَ جي باقيات کي جيڪو پَرُ ۽ سهارو ڏنو آهي، جنهن جي اثر هيٺ اسان جي معيشت، سياست، تهذيب ۽ ادب ۾ جيڪي سماج دشمن ۽ غيرصحتمند لاڙا اڀرن ٿا، انهن کي اسين هر روز محسوس ڪريون ٿا. انهيءَ ڪري اسين پنهنجو هيءُ فرض سمجهون ٿا تہ پنهنجي لکتن وسيلي سامراجي قوتن جو مقابلو ڪريون ۽ انهن جي اثر هيٺ اسان جي سياست، سماج ۽ ادب ۾ جي انسانيت دشمن ڳالهيون اڀرن ٿيون، انهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪريون، ۽ عالمي سامراج جي امن شڪن ڪاروائين جي مخالفت ڪريون.

اسان جو ويساهہ آهي تہ انسان جي بقا ۽ ترقيءَ جو آڌار عالمي امن تي آهي، علم ۽ ادب، فڪر ۽ فن جا ٻوٽا، جنگ جي زهريلي ماحول ۾ ميوو نہ ٿا جهلي سگهن. اسان جي راءِ، دنيا جا سڀئي اختلافي مسئلا پوءِ اهي سياسي ۽ معاشي هجن يا انساني ۽ تهذيبي، هڪٻئي سان ڳالهين ٻولين وسيلي حل ٿي سگهن ٿا. قومن ۽ ملڪن کي هڪٻئي خلاف نفرت ۽ جنگ لاءِ اڀارڻ وارن کي اسين امن جو دشمن سمجهون ٿا. انهيءَ ڪري اسين انسان کي انسان جي ويجهو آڻڻ ۽ ملڪن جي وچ ۾ سمجهوتي ۽ دوستيءَ وڌائڻ جي سڀني ڪوشش جو آڌرياءُ ڪريون ٿا. بشرطيڪ اهي آزاديءَ. جمهوريت ۽ قومن جي خودراديت جي اصولن تي ٻيڙل هجن.

اسان اديبن جو مسلڪ صحتمند ۽ زنده ادب تخليق ڪرڻ آهي. اهڙو ادب، جو دل جي گهراين مان نڪري، فن جي جمالياتي معيار تي پورو ثابت ٿئي. اهڙو ادب، جو حسن ۽ محبت جي نغمگيءَ، عشق ۽ يقين جي سوز حق

۽ صداقت جي خلوص سان ڀريل هجي. اهڙو ادب، جو زندگيءَ جي حقيقتن جي آرسي ۽ انهن جو نقاد هجي ۽ جيڪو ماڻهن کي جاڳائي ۽ اڳتي وڌائي. کين آٿت ڏئي ۽ خوش ڪري.

پر اسين هي چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا ته اهڙي انسانيت دوست ادب جي تخليق لاءِ سازگار حالات پيدا ڪرڻ جي جدوجهد اديبن جي الڳ الڳ ۽ اڪيلين ڪوشش سان ڪامياب نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته انسانيت دشمن قوتون منظم ۽ متحد آهن ۽ پنهنجي سرپرستيءَ ۾ اديبن جون تنظيمون قائم ڪري، انهن کي پنهنجي زور ۽ زر سان گمراهه ڪن ٿيون، تنهنڪري اسان اديبن کي منظم ۽ متحد ٿي ڪري، انهن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ پوندي، تان ته اديب ۽ ادب کي انهن جي هاڃيڪار اثرن کان بچايو وڃي. انهيءَ مقصد واسطي اسين پنهنجي ادبي تنظيم "عوامي ادبي انجمن" جو بنياد رکون ٿا. هيءَ اسان جي ملڪ جي سيني ٻولين جي ادبي انجمن آهي، جيڪي انسان دوست ۽ صحتمند ادب جي تخليق کي پنهنجو فرض سمجهن ٿا.

نوٽ: هن پڌرنامي تي، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، اجمل خٽڪ، گل خان نصير، م.ر. حسان، حسن حميدي ۽ ٻين جون صحيحون هيون. (ت.ج.)

***

2

# ڪٿي نه
# ڀڃبو
# ٽڪ
# مسافر



# II

منهنجو ڪتاب "ڪٿي تہ پيچبو تڪ مسافر" ڇپجي آيو تہ زرينا غصي ۾ چيو: "مون تنهنجو سڄي عمر ساٿ ڏنو آهي، توسان سک ڏک ورهايا اٿم، تنهنجي ٻارن جي پرورش ڪري، انهن کي وڏو ڪيو آهي، تنهنجي ڪم ۾ رخنو نہ وڌو آهي، پر اُن سڀ جي باوجود تو مون تي فقط هڪ صفحو لکيو آهي. ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي."

مون کيس چيو : "زرينا! توکي ياد آهي تہ ننڍي هوندي مون توکي رنگارنگ پوپٽ پڪڙي ڏنو هو تہ تو ان کي ٿوريءَ دير ڇپتيءَ ۾ جهلي، ڇڏي ڏنو هو ۽ چيو هو تہ:"هن کي نہ ڇڏيان ها تہ، پر پٽجي پونس ها."

"هائو مون کي ياد آهي." زرينا جواب ڏنو. "پر توکي اهو اڄ ڇو ياد اچي رهيو آهي؟ ڇا اڄا اُڏامڻ چاهين ٿو؟ مون سڄي عمر توکي آزاد ڇڏيو آهي، اڃا ڪا حسرت رهي اٿئي ڇا؟" زرينا جي منهن تي مرڪ ائين هئي، جيئن گلاب جي مکڙي پهرين ترڪي ۾ ماڪ تي مُرڪندي آهي.

"نہ - نہ. منهنجو مطلب اِهو تہ نہ هو اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي. بسنت ڦُٽي چڪو آهي. توکي تہ معلوم آهي تہ مارچ شاعرن ۽ آرٽسٽن جي جَمَ جو مهينو هوندو آهي ۽ مان اُن مهيني جي 2 تاريخ تي ڄائو هوس. مون کي پنهنجي زندگيءَ جا 72 سال ياد اچي رهيا آهن. اهو سفر مون ڪجهہ تہ 'ڪٿي تہ پيچبو تڪ مسافر' ۾ لکيو آهي ۽ ڪجهہ هاڻي لکڻ ٿو چاهيان. پر ان سفر ۾ جمال ابڙي، ابراهيم جويي، غلام رباني، آگري ۽ رشيد ڀٽيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئي همسفر آهن، جن جو ذڪر مان هن ڪتاب ۾ ڪرڻ ٿو چاهيان."

"مثلاً." زرينا غصي مان پڇيو.

"مائيڪل اينجلو."

"اهو ڪير هو؟" هن تعجب مان مون ڏانهن ڏٺو.

”اهو دنيا جو عظيم ترين مصور هو جنهن لاءِ چيو ويو آهي: هُن اُن هر ڳالهہ جو اظهار ڪيو آهي، جو مصوريءَ ۾ انساني جسم جي باري ۾ ڪري سگهجي ٿو ان جي هر اشاري، هر چرپر جي باري ۾. هو صنم تراشيءَ ۾ بہ اهڙو ئي چڱو هو. هو سال 1475ع ۾ فلارنس جي ٽسڪنيءَ شهر ۾ ڄائو هو ۽ دنيا جا عظيم ترين شاهڪار تخليق ڪيا اٿائين. هڪ ڀيري منهنجي مرحوم دوست نعيم صديقيءَ مون کي ٻڌايو تہ جنهن وقت هو مائيڪل اينجلو جي فلارنس جي چرچ ۾ تخليق ڪيل سسٽين چئپل (Sistine Chapel) ۾ بيٺو هو، تنهن وقت هن ائين محسوس ڪيو هو تہ هو بهشت ۾ اچي نڪتو آهي. هن جي مٿان ڪروبي اڏامي رهيا آهن. هو موت ۽ حيات جو ڊرامو ڏسي رهيو آهي، جنهن ۾ انسان جي ساري تاريخ ڪائنات جي تخليق کان وٺي منقش آهي. مون هن جي زندگيءَ تي چارلس مارگن (Charles Morgan) جو ناول ساندهہ ٻہ راتيون پڙهيو هو ۽ ان منهنجي ننڊ حرام ڪري ڇڏي هئي. منهنجو هڪ مداح سانگهڙ جو حسن وساڻ[1]، مون کي هن جي زندگيءَ تي هڪ وڊيو ڪئسٽ بہ ڏئي ويو هو جيڪا مون ڏهہ ڀيرا ڏٺي آهي.

هن فن کي زندگي ائين اربي هئي، جيئن مون اربي آهي. مون هن سان اجنتا جي مصوري ۽ صنم تراشي گڏ ڏٺي هئي. اميد تہ توکي ڪوئي اعتراض نہ ٿيندو جي مان هن کي توسان گڏ زندگيءَ جي سفر ۾ ڪڍان. آرٽ جي ڪتابن ۾ آهي تہ هو سورهينءَ صديءَ ۾ مري ويو پر مون لاءِ هو اڃا جيئرو آهي ۽ ڪڏهن ڪڇهري بہ ڪندو آهي. مون هن جي اصرار تي 1963ع ۾ هن کي اجنتا جون گفائون ڏيکاريون هيون.“

زرينا جواب ڏنو: ”مون کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. هن جا تہ هڏا بہ ڀُري ويا هوندا.“

مون جواب ڏنو: ”زرينا هو اَمر آهي. عظيم آرٽسٽ ۽ شاعر مرندا نہ آهن.“

”ٻيو ڪير؟“ زرينا پڇيو.

”وان گوگ.“

---

[1] حسين وساڻ، سانگهڙ جو ادب دوست/ اديب آهي، جنهن کي ادب، آرٽ ۽ آرٽ موويز سان وڏي دلچسپي آهي. (ت.ج)

زرينا مون ڏانهن حيرت مان ڏسي پڇيو: ”اهو وري ڪير آهي؟ ڇا اهو بہ ڪو اَمر انسان آهي؟“

”هائو اهو بہ اَمر انسان آهي. سال 1990ع کي يورپ ۽ آمريڪا ۾ وان گوگ جو سال ڪري ملهايو ويو هو. ان وقت ڪنهن جپاني آرٽ جي ذخيري اندوز (Art Collector) هن جي هڪ تصوير ساڍن پنجاسي ملين ڊالرن ۾ خريد ڪئي هئي. جيئري هن ڏاڍا ڏک ڏٺا هئا. دنيا هن جي قدر شناسي نہ ڪئي هئي.“

”اُهو ڪير هو؟“ زرينا پڇيو.

”اهو بہ عظيم مصور هو جو نيدر لئنڊ ۾ 1883ع ۾ ڄائو هو ۽ زندگيءَ جي آخري حصي ۾ ديوانو ٿي پيو هو. هن جي برش جا جهٽڪا تصويرن تي اِئين ڊوڙندا هئا, جيئن منهنجون سٽون پني تي ڊوڙنديون آهن. انهن ۾ ڪائي برقي رَو هوندي آهي. اهو مون کي هر ڏک ۾ ڏڍ ڏيندو رهندو آهي ۽ جڏهن بہ مون شاعريءَ کي ترڪ ڪرڻ جو خيال ڪيو آهي تہ هن مون کي جهليو آهي. ڇا هن جي سفر ۾ شموليت تي توکي ڪوئي اعتراض آهي.“

”نہ.“ زرينا جواب ڏنو ”پر اهي تہ ٻئي مصور هيا, تون تہ شاعر آهين.“

”مون ٻوليءَ ۾ مصوري ڪئي آهي. منهنجي شاعريءَ ۾ جيتريون تصويرون آهن, اوتريون ڪنهن بہ مصور جي مصوريءَ ۾ نہ آهن. ها, مان سفر ۾ شاعرَ بہ ساڻ کڻڻ تو چاهيان.“

”ڪهڙا؟“

”پهرين تہ ’برونو‘, جيڪو اطالوي شاعر هو. جنهن کي جيئري جلايو هئائون. هو مون سان چڪيا ۾ گڏ هو جنهن باهہ جا شعلا مون کي بہ وڪوڙي ويا هئا. ٻيو ’يِٽائي‘, هو مون سان لاڙ ۽ ٿر جي سفر ۾ ساڻ هو. جيتوڻيڪ جمال, ابراهيم, يٽي ۽ ٻيا هن کي ڏسي نہ ٿي سگهيا, پر مان هن کي نہ رڳو ڏسي رهيو هوس, پر هن سان ڳالهائي بہ رهيو هوس.“

”مان يٽائيءَ جي تہ معتقد آهيان. تون مڃ, نہ مڃ پر هو توکان وڏو شاعر هو. هو ولي الله هو تنهنجي ساري زندگي معصيت ۾ گذري آهي.“ زرينا چيو.

”ٿي سگهي ٿو. پر مون کان هن جون بہ سٽون نہ ٿيون وسرن. هڪ ”مون کي ماءُ مجازَ پڄاري جيان پڄيو.“ ۽ ٻي مون دل ۾ ورجائي ”پرينءَ جي پستان جو فاقوئي فرحت, آهي عبداللطيف کي.“

”پيو بہ ڪوئي.“

”ها هونءَ تہ ڪيترائي شاعر منهنجا همسفر رهيا آهن. ’هومر‘ جي دؤر کان وٺي منهنجي دؤر تائين، جيڪي ڪجهہ وقت مون سان گڏ رهيا آهن. پهرين انهن مان ’ڪبير‘ ڪي ڪٽڻ تو چاهيان.“

”ڪهڙو ڪبير؟ ڀڳت ڪبير؟“

”هائو ڀڳت ڪبير، هُو برصغير ۾ ڀڳتي تحريڪ جو سينئي کان اهم شاعر هو. هن کان انسانيت جو جيڪو سبق مون پرايو آهي، ٻئي ڪنهن شاعر کان نہ پرايو اٿم. پيون ڪجهہ شاعرائون بہ آهن، جيڪي مري چڪيون آهن. هڪ تہ هئي تورو دت.“

”ڪير؟“

’تورو دت‘. مون ورجايو. ”اها بنگال جي شاعره هئي، پر هن انگريزيءَ ۾ شاعري ڪئي هئي. هن کي ٽن ٻولين تي دسترس هئي. بنگالي، انگريزي ۽ فرينچ. پر هوءَ پنهنجا سپنا، انگريزيءَ ۾ اُٿي سگهندي هئي. مون کي چئن زبانن تي عبور آهي: انگريزي، سنڌي، اردو ۽ فارسي، پر مان پنهنجا سپنا فقط سنڌيءَ ۾ اُٿي سگهندو آهيان. اسان ٻنهي جو تاجي پيتو الڳ آهي ۽ هن جو ڪجهہ جهونو تي چڪو آهي. تورو دت 4 مارچ 1856ع ۾ پيدا تي هئي ۽ ننڍيءَ عمر ۾ 1877ع ۾ مري وئي. مون هن جو هڪ ڪتاب پنهنجي استاد هاسانند جي مدد سان، ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهيو هو.هن ئي مون کي سنسڪرت ادب سان آشنا ڪرايو هو. جنهن جو هوءَ مطالعو ڪري رهي هئي ۽ جنهن ۾ بيحد دلچسپي وٺي رهي هئي. هڪ ڀيري لنڊن ۾ هن چيو هو تہ ٻي ڀيري مان جڏهن لنڊن اينديس تہ سنسڪرت جي پوري پنڊتياڻي تي اينديس. مان هن سان سروجني نائيڊو ۽ چٽو پاڌيا ۽ هندستان جي جديد انگريزي ادب تي بہ بحث ڪندو آهيان.“

”ائين تہ فيض احمد فيض، سبطِ حسن ۽ ٻيا دنيا جاڪيئي شاعر ۽ اديب منهنجا همسفر رهيا آهن. مون سان گفتگو ڪئي اٿائون. جيئن ڀٽائيءَ سان سامي، آڏوتي، گاروڙي وغيره ڪندا هئا ۽ ڀٽائيءَ اُمي هوندي، انهن کان ايترو علم پرايو جو عظيم شاعري ڪئي اٿائين. ڀٽائيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئي صوفي منهنجا همسفر رهيا آهن. بيدل دهلوي، جنهن جو غالب ۽ اقبال تي اثر هو. غالب جو هڪ بہ شعر تہ بيدل دهلويءَ جي شعرن جو ترجمو

آهن، جيئن ڀٽائيءَ جا هڪ ٻہ بيت، فريد شڪر گنج جي پنجابيءَ ۽ ميران ٻائيءَ جي هندي دوهي جو ترجمو آهن. برصغير جا ٻيا بہ شاعر آهن، جن سان مون ڪافي وقت گذاريو آهي. خاص ڪري امير خسرو، ٽئگور ۽ اقبال. انهن سان بہ هم ڪلام رهيو آهيان ۽ انهن جي دؤر جي هنن کان پڇا ڪئي اٿم. سندن شاعريءَ جا ڪتاب اردو، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ براهِ راست پڙهيا اٿم. پر مون ڪيترن مشرق ۽ مغرب جي شاعرن جو ترجمو انگريزيءَ ۾ پڙهيو آهي، پر انهن سان صحبت نہ رهي آهي. سواءِ ڪجهہ شاعرن جي، جن جو ذڪر مون اڳ ۾ ڪيو آهي."

"تو فلسفي جو مطالعو بہ تہ ڪيو آهي ۽ منهنجي راتين جي ننڊ ڦٽائي آهي، منهنجي اکين جا ڇپر اجا تائين توتي دانهين آهن." زرينا چيو.

"ها زرينا" مون جواب ڏنو "مان سقراط ۽ ارسطوءَ کان وٺي اسپنوزا ۽ سارتر ۽ فارابي ۽ ابن سينا کان وٺي اِبن عربي ۽ اخوان الصفا تائين سيني سان سفر ڪيو آهي. اقبال تہ منهنجي حياتيءَ ۾ گذاري ويو پر مان هن سان 'بانگِ درا'، 'بال جبريل'، 'ضربِ ڪليم'، 'پيام مشرق'، 'اسرار خودي'، 'رموزِ بي خودي' ۽ 'جاويد نامہ' ۾ گڏ رهيو آهيان، جيتوڻيڪ ڪٿي منهنجو هن سان اتفاق نہ آهي. اهو سفر بہ ٻين سفرن وانگر وقت ۾ سفر آهي، ائين چئجي تہ خيالن جي دنيا جو سفر آهي."

"تو سياست ۾ بہ ڪافي وقت وڃايو آهي. ڪنهن سياستدان کي سفر ۾ ڪٽنديِن؟"

"ها، حشو ڪيولراماڻيءَ ۽ مهاتما گانڌيءَ کي. منهنجي نظر ۾ گانڌي هن صديءَ جو عظيم انسان هو. اهي سڀ انسان جي مون سان سفر ۾ رهيا آهن، منهنجي زندگيءَ جو اتوٽ حصو ٿي رهيا آهن. مان چڱيءَ طرح ڄاڻان تہ اهي ڇا هيا، اهي اڄان تائين منهنجي پاڻ ۾ سمايل آهن. مون سان هم ڪلام رهندا آهن ۽ اهي ائين منهنجا پنهنجا آهن، جيئن منهنجو نالو پنهنجو آهي. ها، مان پنهنجي زندگيءَ جو پورو پوتاميل فقط ڀٽائيءَ کي ڏيڻ چاهيان ٿو. جيئن ڪازان زاڪس، مصور ايل گريڪو کي ڏيڻ لاءِ تيار هو جيڪو هن جو پيش رَو يوناني آرٽسٽ هو. ڀٽائي نہ صرف منهنجي ٻوليءَ جو شاعر هو پر هن کان مون ڪافي ڪجهہ پرايو آهي."

"مان انهن مصورن مان ۽ مغربي شاعرن مان تہ نہ ڄاڻان. تون ئي انهن

جي باري ۾ مون کي ٻڌائجانءِ. مون تہ فقط شاهہ سچل ۽ ساميءَ کي ٿورو پڙهيو آهي.“ زرينا چيو.

”سچل ۽ سامي ايڏا وڏا شاعر نہ آهن. انهن فقط ڪجهہ سٽون چڱيون چيون آهن. هومر، ’اليڊ‘ ۽ ’آڊيسي‘ نہ لکي ها ۽ فقط ڪجهہ مترنم شعر لکي ها تہ هن جي ايتري قدر قيمت نہ ٿئي ها. هونءَ تہ شيڪسپيئر جون ’آٿيلو‘ مان ڪجهہ سٽون هن جي امرتا لاءِ ڪافي آهن.“

”مرڻ ۽ ننڊ ڪرڻ
اتفاق سان سپنو ڏسڻ
اتي ئي تہ مهتوا ڇي ٿو.“

يا ٻئي هنڌ چيو اٿائين:

”وقت زندگيءَ جو تت آهي
۽ زندگي وقت لاءِ هڪ بيوقوف وانگر آهي
۽ وقت جو ساري زندگيءَ تي حاوي آهي
ان لاءِ ضروري آهي تہ اهو
ڪٿي بيهجي وڃي.“

اهي بہ ٽڪرا ئي شيڪسپيئر کي زندگي جاويد ڏيڻ لاءِ ڪافي آهن. پر پوءِ بہ هن 39 ڊراما لکيا هئا. مون ويسٽ منسٽر ايبي ۾ هن جي قبر تي بيهي چيو: ”اُتي مون سان ڳالهاءِ. هي ڪميونسٽ تنهنجي باري ۾ جڪ ماري رهيا آهن. ڇا تون فقط پنهنجي دؤر جو آئينو هئين يا تو ان تان فقط زنگ متايو هو جو ازل ابد جو آئينو آهي. پر مون کي توسان ۽ ڪجهہ خاص ٻين سان سفر ۾ زياده گفتگو ڪرڻي نہ آهي، نہ تہ هي داستان الف ليليٰ جي داستانن کان وڏو ٿي ويندو.“

”زرينا، مون انگريزيءَ ۾ هڪ عجيب ڪتاب پڙهيو هو Story of Briday Murphy (برائڊي مرفيءَ جي ڪهاڻي) جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ هڪ هپناٽسٽ (Hypnotist) هڪ ڇوڪريءَ تي تجربو ڪيو. هن کي هپناسس (Hypnosis) هيٺ آڻي، هو چوي ٿو: ”پنتي وڃ.“ تہ هوءَ ڏهہ سال پنتي جون ڳالهيون ٻڌائي ٿي. هو وري هن کي چوي ٿو: ”اڃا بہ پنتي وڃ.“ تان

جو هن کي پنهنجي ڄمر تائين وٺي ٿو وڃي، جو هوءَ 'اوٺان اوٺان' ڪرڻ لڳي ٿي. اوچتو Hypnotist کي ڪوئي خيال اچي ٿو ۽ هن کي چئي ٿو: "اڃان بہ پٺتي وڃ." ٿورڙيءَ دير ۾ هوءَ ٽپ ڏئي اُٿي ٿي ۽ عجيب غريب ناچ ڪري ٿي، جو هپناٽسٽ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هن ڇوڪريءَ کان جڏهن پڇيو تہ: "اهو ناچ تو ڪٿي سکيو آهي؟" تہ چيائين: "مان سترهينءَ صديءَ ۾ آئرلينڊ ۾ رهندي هيس، منهنجو نالو برائڊي مرفي هو ۽ منهنجو پيءُ بئريسٽر هو." پوءِ هن کي پنهنجي رهائش جي جاءِ جي باري ۾ ٻڌايائين ۽ ٻيا ڪيئي تفصيل ٻڌايائين. جي هن ناچ ٽئپ ڊانس (Tap Dance) سوڌا رڪارڊ ڪيا ويا. پوءِ سائنسدانن جو هڪ پئنل مقرر ڪيو ويو جن آئرلينڊ وڃي ڪافي تفتيش ڪئي، رڪارڊ ڏٺا ۽ ان نتيجي تي پهتا تہ برائڊي مرفيءَ جي ڳالهہ صحيح هئي ۽ پنر - جنم هڪ حقيقت هئي. ان ڪتاب جون انگريزيءَ ۾ ئي ڪروڙين ڪاپيون وڪاڻيون هيون. ڪيئن چئجي تہ اها ڪوڙي ڪهاڻي هئي ۽ پئسي جي لالچ جي ڪري گهڙي وئي هئي، پر جنهن وقت اهو ڪتاب ڇپيو هو تہ نقاد ان ان راءِ جا هئا تہ اها ڪجهہ ماڻهن جي ٽولي لاءِ گهڙڻ ناممڪن هئي. بهرصورت ڪهاڻي نهايت دلچسپ هئي. مون بہ ائين زرينا کي چيو تہ: "تون ۽ مان ساڳئي پاڙي ۾ ويجهو رهندي زندگي گذاري آهي. پٺتي وڃ ۽ ياد ڪر تہ ننڍي هوندي اسان جي شڪاپور ۾ اسان جو پاڙو اسان جي اردگرد، اسان جي ٻولي ۽ اسان جي روزمرهہ جي زندگي ڪيئن هوندي هئي."

زرينا ٿڌو ساهہ ڀري چيو: "سٺ کان مٿي سال ٿيا آهن ۽ هاڻي منهنجا وار بہ اڇي اڇا ٿيا آهن." ۽ پنهنجي ڌوهتي روماسا جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيائين: "هر ڏينهن جو هن جي زندگيءَ ۾ وڌي رهيو آهي، اسان جي زندگيءَ مان گهٽجي رهيو آهي."

مون اهي لفظ ٻڌي ائين محسوس ڪيو تہ مان ڪائنات جي ڇيڙي تي پهچي چڪو آهيان ۽ مون ۾ رڳو اها خواهش وڃي رهي آهي تہ پنهنجي سوانح حيات کي پورو ڪريان ۽ اُن کان پوءِ ان جي آخري ڪنڊ تان پولار ۾ ٽپو ڏيان. موت ڪيتري وقت کان خلا ۾ منهنجو انتظار ڪيو آهي." اوچتو خيال آيو تہ ڇا موت، پولار آهي، نيستي آهي، انسان ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ اُن ڪجهہ بہ نہ ۾ سمائجي وڃي ٿو جا ازل کان ابد تائين ڇوليون هڻي رهي آهي؟"

مون جڏهن ساميءَ جي نالي سلوڪ لکيا هئا، تڏهن منهنجي اها ڪيفيت هئي، پر هاڻي تہ مان روح جي ابديت ۾ اعتبار ڪريان ٿو ۽ ساڳيو ماڻهو نہ رهيو آهيان. اها ئي ڳالهہ آهي تہ مان سدائين محويت جي عالم ۾ پنهنجي وجود کان غافل رهيو آهيان. ان تي مون کي بايزيد بسطاميءَ جي باري ۾ هڪ ڳالهہ ياد اچي ٿي. ڪنهن شخص کي بايزيد سان ملاقات جو شوق ٿيو ۽ وڏو سفر ڪري هن جي شهر "بسطام" ۾ اچي نڪتو. هيڏانهن هوڏانهن پڇا ڪري، بايزيد جو گهر اچي ڳولي لڌائين ۽ ان جو ڪڙو ڪڙڪايائين تہ هڪ باريش شخص ٻاهر نڪري آيو جنهن سان السلام عليڪم ڪري، هُن ڪائنس بايزيد جي باري ۾ پڇيو. ان باريش شخص کيس جواب ڏنو: "هتي تہ بايزيد نالي ڪوئي شخص نہ رهندو آهي." اهو شخص جو بايزيد جي ڳولا ۾ نڪتو هو پنتي موٽيو ۽ پاڙي اوڙي کان بايزيد لاءِ پڇيائين، جنهن تي ڪنهن شخص، جو هن جي ويجهو بيٺو هو کيس چيو: "جنهن باريش شخص توسان ڳالهايو پئي، اهو ئي تہ بايزيد هو." هو وري در تي موٽي آيو ۽ ڪڙو ڪڙڪايائين تہ ساڳيو بزرگ ٻاهر آيو ۽ هن کيس چيو: "پاڙي وارا تہ چون ٿا تہ اوهان ئي بايزيد آهيو." ان تي بزرگ وراڻيو: "مان هن گهر ۾ ڏهن سالن کان رهندو آهيان، مون کي تہ بايزيد جي نالي سان ڪوئي ماڻهو نہ مليو آهي." اها آهي استغراق جي ڪيفيت، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي وجود کي وساري ٿو ڇڏي. ڪافي سالن کان شاعريءَ مون تي اها ڪيفيت طاري ڪئي آهي. اها ئي ڳالهہ آهي تہ مون کي Spilt Personality (وکريل شخصيت) آهي ۽ جڏهن وڪالت ڪندو هوس تہ، مون کان وسري ويندو هو تہ مان ڪو شاعر بہ آهيان."

چڱو هاڻي تون ننڍي هوندي جون سارون بہ ٻڌاءِ!"

زرينا وري روماسا جي مٿي تي هٿ ڦيريندي پڇيو: "هوءَ ڪهڙي ست ٻڌائيندو آهين، 'جڳ مڙيو ئي سپنو؟' اها پوري ست ڪيئن آهي؟"

مون جواب ۾ چيو: "آسو آڪاٽي، جڳ مڙيو ئي سپنو." زرينا! مان انهيءَ سپني جي آڪاٽي لکڻ ٿو چاهيان. اهو سپنو جو ڪنهن وقت آبشار وانگر وهيو آهي. ڪنهن وقت جوالا مکي وانگر ڦاٽ ڪاڏو اٿائين. اسان ننڍپڻ گڏ گذاريو آهي ۽ توکان سواءِ شايد ئي ٻيو انسان آهي، جنهن سان مان ايتريون يادگيريون ورهائي سگهان."

هوءَ ڳالهائيندي رهي ۽ مون نوٽ ورتا، ڪجهہ هن جي يادگيرين جا، ڪجهہ پنهنجي يادگيرين جا.

هاڻي 'ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر' جي ڇپجڻ ۽ اُن جي مقبوليت کان پوءِ خيال آيو آهي تہ انهن کي قلم بند ڪريان. اسان سؤٽيءَ سؤٽ هئاسون ۽ شڪارپور جي شيخن جي پاڙي ۾ رهندا هئاسين. جتي ٽي وڏيون نِمون هيون، جن جي چوڌاري هندڪا ۽ مسلمانڪا گهر هوندا هئا. مان ۽ منهنجا جيڏا سرتا ۽ زرينا جون جيڏيون سرتيون، گڏجي راند ڪندا هئاسين. مان اڄ بہ صاف ڏسي رهيو آهيان تہ جنديءَ تي لٽل لاٽوٽي، زندگيءَ جي ڦيري وانگر تِڪ ٻڌي ڦري رهي آهي، جا زرينا جي پيءُ آندي هئي، جيڪو جيڪب آباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هوندو هو ۽ ڪشمور جي جنديءَ جو سامان، لاٽوٽيون، لاٽون، اٽي ڏڪر، ڏوريون، منڊيئڙا، چٽٽا، ويلڻ، اکريون مهريون، دہلا، دلن جون ڍڪڻيون، گهگهين جا بونبا، ڪٺن جا پاوا، جنديءَ تي چڙهيل پٽ سان ڪتوليون، گلدان، هٿ ۾ ڪٽڻ جون سوٽيون، ڪپڙن ڌوئڻ جو سوٽيون، ننڍڙا ٻارن لاءِ ۽ وڏا وڏن جي لڏڻ لاءِ پينگها ۽ ميڻ ٻتين جون گهوڙيون وٺي ايندو هو. جن سان زرينا جن جو گهر ايترو تہ پريل هوندو هو جو جنديءَ جي هنر جي نمائش لاءِ ڪافي هو. اِٽي ڏڪر بہ جنديءَ تي چڙهيل هوندا هئا. بڪٽ لين مون، نار آر وهي، پڪ نہ جاڻان تہ اهي کهڙيءَ ٻوليءَ جا لفظ هئا! ڪنهن مصور وانگر زرينا جي زندگيءَ جو ننڍپڻ رنگن ۾ گذريو آهي.

مون ڳالهہ ٽي ڪئي تہ لاٽوٽي تڪ ٻڌي ڦري رهي هئي. منهنجي زندگي بہ ائين لاٽوٽي وانگر ڦرندي رهي آهي. جيتوٽيڪ هڪ هنڌ ٽِڪ ٻڌي بيٺي نہ آهي. زرينا کان پوءِ منهنجو وارو آيو. مون لاٽوٽيءَ تي ڏور ويڙهي هلائي تہ اها ائين تيزيءَ سان ڦرندي رهي، جيئن شاعريءَ وقت منهنجو دماغ تيزيءَ سان ڦرندو آهي. انسان جي زندگيءَ ۾ هلي هلي لاٽوٽي انسان جي صحت وانگر ڪِري پوندو آهي، جيئن هاڻي سويي[1] جي صحت ڪِري پئي آهي. ڪالهہ هن مون کي فون ڪئي تہ هن جو ڏهن مهينن کان پيٽ خراب ٿي پيو آهي ۽ هو ڪراچيءَ نہ اچي سگهيو آهي ۽ مون سان ملي نہ سگهيو

[1] سويو: سويوگيانچنداڻي

آهي. تازو هو آغا خان اسپتال مان نڪتو آهي ۽ ڪافي مايوس آهي. هن وڏيڪ چيو تہ مان سوچي بہ نہ سگهندو هوس، تہ منهنجي بہ ڪا صحت خراب ٿيندي ان تي مون کيس چيو: "گوتم پڌ چواٽي، پيدايو روڳ ۽ مرتيو هر ماڻهوءَ جي جيون ۾ اوس اچڻو آهي." ان تي هن چيو: "مان توسان سهمت آهيان. ڪنهن وقت توکي فون ڪري تو وٽ پٽ ۽ ننهن سان گڏجي ايندس." بہ ڏينهن پوءِ مون هن کي فون ڪيو تہ ڪڏهن ٿو اچين! هن جواب ڏنو تہ: "جج لاڙڪاڻي ۾ ڪيس ملتوي نہ ٿا ڪن. سو ان ڪري اڄ لاڙڪاڻي وڃان ٿو. صحت البت نيڪ آهي." سوپو هاڻ پنجهتر ورهين جو ٿي چڪو آهي.

مون کي پاسترنڪ جي زندگيءَ مان واقعو ياد آيو. پاسترنڪ (Pasternak) "پيري ڊيلنڪو" نالي وستيءَ ۾ رهندو هو جا ماسڪو کان سٽ ميل پري هئي، جتي هن کي فيڊن(Fedin) ۽ ٻين روسي اديبن سان لڳ هڪ ڊاچا (ننڍڙو گهر: Dacha)هو. هڪ ڏينهن پاسترنڪ کي گيڙ آيو تہ هو اسٽالن کي فون ڪري. جڏهن هن اسٽالن کي فون ڪيو، تڏهن اسٽالن پنهنجي فولادي بنڪر (ٻُهرو Bunker) ۾ ويٺو هو ۽ فون هن جي ملٽري سيڪريٽريءَ کڻي اسٽالن کي ٻڌايو تہ هن سان پاسترنڪ ڳالهائڻ ٿو چاهي. پاسترنڪ، اسٽالن تي نظم لکيو هو ان ڪري اسٽالن کي هن لاءِ نرم گوشو هوندو هو. سو ملٽري سيڪريٽريءَ کي چيائين تہ، "فون مون کي ڏي" هن پنهنجي فائلن مان ڪنڌ ڪڍي پاسترنڪ کي چيو:"چؤ توکي ڇا گهرجي؟"

پاسترنڪ چيو: "مان توسان موت ۽ زندگيءَ جي مسئلي تي ڳالهائڻ ٿو چاهيان."

"احمق!" ايترو چئي اسٽالن فون رکي ڇڏي جي اسٽالن، پاسترنڪ کي ٻڌي ها تہ انساني زندگيءَ کي ناپائيدار سمجهي ها ۽ ڄاڻي ها تہ اها هلندي هلندي لاتوڻيءَ وانگر بيهي ٿي وڃي تہ هو ايترو ظلم نہ ڪري ها. اسٽالن ڪجهہ وقت کان پوءِ رت جي داٻ (بلڊ پريشر) جي ڪري مري ويو. هن جي دماغ جي رڳ ڦاٽي پئي. انسان ذات جيتريءَ تيزيءَ سان ياد ڪري سگهندي آهي، اوتريءَ تيزيءَ سان وساري بہ سگهندي آهي.

استاد بخاريءَ جي موت کان پوءِ چار ڏينهن اخبارن ۾ هن جا قطعا ڏنائون ۽ پوءِ هن کي وساري ڇڏيائون. هاڻي هن کي ورسيءَ تي ياد ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪو مداح هن تي ليک لکندو آهي.

سوپو گيانچنداڻي جڏهن بہ ڏينهن اڳ آيو هو، تڏهن هن سان گفتگو ڪندي، مون کي هندستاني مصور پنداريءَ جو قول ياد اچي رهيو هو جو هن جي سوانح نگار راءِ چٽرجيءَ پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتاب ”پنداريءَ“ جي پهرين صفحي تي ڏنو آهي.

”مان ڌرتيءَ جو آهيان. مان ڌرتيءَ تي گهمان ٿو مان ڌرتيءَ جو ڪاوان ٿو ۽ ڌرتيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ جي باري ۾ نہ ٿو سوچيان. هتي ڳالهيون مون لاءِ پوري ڪتب خاني وانگر آهن ۽ مون کي ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ ۾ دلچسپي نہ آهي. ان ڪري ئي مان سپنن جون تصويرون نہ ڪڍندو آهيان. جيڪي مون هن دنيا ۾ پرايو آهي,ان جا چٽر ڪڍندو آهيان. ٻيون ڳالهيون مون لاءِ اهم نہ آهن.“

سوپي جون ڳالهيون ٻڌي، مون کي فيض احمد فيض ياد آيو هو جو بہ سوپي وانگر منهنجو دوست هو. فيض، سوپي سان لاهور قلعي ۾ گڏ قيد هو. سوپو هن جو هرهر ذڪر ڪري چوندو هو تہ جڏهن شام جو فيض ۽ سوپي کي چهل قدميءَ لاءِ ڪمري کان ٻاهر ڪڍندا هئا, تڏهن جيڪڏهن سوپو هن کان ڪجهہ پڇندو هو تہ هو فقط ڪنڌ ڌوڻ کان سواءِ ها يا نہ ۾ جواب ڏيندو هو. سوپو اهو بہ ٻڌائيندو هو تہ هن لاهور قلعي ۾ ڪھڙيون عقوبتون سٺيون هيون ۽ هن کي جنهن سيل ۾ قيد رکيو هئائون، ان ۾ نہ فقط سخت سردي هوندي هئي، پر وڇون بہ هوندا هئا. جڏهن اُتم ۽ سُندري سکر ۾ مون وٽ مهمان هئا, تڏهن سوپو بہ مون وٽ ترسيل هو ۽ پنهنجا جيل جا تجربا ٻڌائي رهيو هو. سُندري جڏهن مون سان اڪيلو ڳالهائي رهي هئي ۽ چيو هئائين تہ هن جي دنيا تہ فقط جيل تائين محدود آهي. ان وقت ئي مون محسوس ڪيو هو تہ سندريءَ ۾ ڀرپور زندگيءَ جي تمنا آهي.

مون سکر جي بازار مان سندريءَ کي تحفي ۾ هڪ اعليٰ درجي جي لپ اسٽڪ ۽ روج وٺي ڏنو هو جو هن قبول تہ ڪيو پر چيو تہ اسان اهي شيون نہ لائينديون آهيون. هوءَ هڪ آدرشي اشتراڪي عورت وانگر سستي سوٽي ساڙهي پائيندي هئي ۽ ميڪ اپ نہ ڪندي هئي. هن ڀيري مان جڏهن بمبئيءَ ويو هوس تہ هوءَ ستر جي لڳ ڀڳ ٽي چڪي هئي، پر هن کي خوبصورت ريشمي ساڙهيون پهريل هيون ۽ ميڪ اپ بہ ٿيل هوس. هوءَ وڏيءَ عمر جي باوجود هڪ سندر اِستري لڳي رهي هئي ۽ پنهنجيءَ ڏيءَ بينا جي

چڙهه وڏي پيڙهه تي لڳي. باقي اُتم کي ساڳي ڊڪ جي پينٽ، ننڍي بشرٽ ۽ چمپل پاتل هو ۽ اڳي وانگر هڪ آدرشي ساميوادي لڳي رهيو هو هن جڏهن بمبئي ريڊيو تي مون کان انٽرويو تي ورتو تہ مون کان آرٽسٽ سان وابستگيءَ جي باري ۾ سوال وڏيڪ اهميت سان پڇيو هئائين. سُندري سامهون ويٺي هئي. بينا مون کان سال کن اڳ بمبئيءَ مان ڪراچيءَ فون ڪري، سندريءَ جي ڪهاڻين جي باري ۾ منهنجا تاثرات پڇيا هئا، جي مون هن کي لکايا هئا، جيڪي هن سُندريءَ جي ڪتاب جي پنيان ڏنا هئا.

سوڀي سان ڳالهيون ڪندي، اڪثر سبطِ حسن ۽ ڪامريڊ حسن ناصر جو ذڪر ايندو هو جنهن کي لاهور فورٽ ۾ اذيتون ڏيئي ماريو هئائون. سوڀي سان پرچي وديارٿي، ڦيرو هيمون ڪالاڻي ۽ عينشي ودياترٿي ۽ ٻين انگريزن خلاف دهشتگردن جو ذڪر بہ ايندو هو جن انگريزن جي حڪومت جو تختو اڏائڻ تي چاهيو. هيمونءَ جو ورهاڱي کان اڳ وارو گهر، اسان جي سکر واري گهر کان بہ سئو قدم پري هو جتي ورهاڱي کان پوءِ رهندو هوس. جڏهن مان هيمونءَ جي گهر وٽان لنگهندو هوس تہ منهنجي دل انگريز سامراج خلاف نفرت سان ڀرجي ويندي هئي. شايد ان ڪري ئي مون هيمونءَ تي ڪجهہ وائيون لکيون هيون. پرچو ودياترٿي منهنجو ۽ منهنجي يار ديوان پرمانند جو ڪلاس فيلو هو ۽ پرمانند سان شڪارپور ڪاليج هاسٽل ۾ ساڳئي ڪمري ۾ رهندو هو. پرمانند ٻڌائيندو هو تہ پرچو رات جو ٻہ چار پيرا هاسٽل جي گرائونڊ تي تيزيءَ سان ڊوڙندو هو تہ جيئن گرفتاريءَ جا آثار ڏسي هو تيزيءَ سان ڀڄي وڃي.

پاڪستان کان پوءِ ڦيروءَ جو ڀاءُ پيسومل ڪجهہ وقت لاءِ منهنجو جونيئر هو ۽ پوءِ جيڪب آباد ۾ وڪالت ڪندو هو. اهو ٻڌائيندو هو تہ هندستان ۾ ڪنهن هاءِ ڪورٽ ڦيروءَ کي ڪنهن قتل ۽ ڌاڙي جي ڪيس ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني هئي. ڀارت ۾ ڦيروءَ ڪيئي ڌاڙا هنيا ۽ ڌاڙي هڻندي هن قتل بہ ڪيا هئا. ڪجهہ پنهنجي جرم جي احساس ۽ ڪجهہ مقدمي جي ڪارروائيءَ جي خاتمي ۾ دير سبب، ڦيرو جيل ۾ زيرحراست قيدي تي رهندي، زندگيءَ مان بيزار ٿي پيو هو ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل هلندي، هن ججن کي گاريون ڏنيون ۽ چيو تہ:”مان اپيل واپس ٿو وٺان، ڇوتہ مون کي اوهان مان انصاف جي ڪائي اميد نہ آهي. اوهان ڀلي مون کي ڦاسي ڏيو.“ هن جي ڀاءُ

پيسومل هن جي ڪيس جو پيپربوڪ ۽ هاءِ ڪورٽ جي فتويٰ ڏيکاري، مون کان صلاح ورتي هئي تہ فتويٰ خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي وڃي يانہ؟ رڪارڊ پڙهي مون کي يقين ٿي ويو هو تہ ڦيرو انقلابي نہ رهيو هو ۽ جرم هن جو پيشو ٿي چڪو هو. هو بہ منهنجو ڪلاس فيلو رهيو هو. مون ڦيروءَ جي پياءُ کي صلاح ڏني تہ اپيل مان ڪوئي فائدو نہ ٿيندو. ورهاڱي کان پوءِ ڦيروءَ جو ڪنهن سياسي آدرش ۾ اعتبار نہ رهيو هو. پرچُو عينشي ۽ ٻيا انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ آزاد سنڌ حڪومت جا خواب لهندا هئا. ان حڪومت جي قيام لاءِ هنن کي پئسي جي ضرورت پوندي هئي، جنهن لاءِ هو ڌاڙا هڻندا هئا. هنن جو پاڻ ۾ معاهدو هو تہ جيڪڏهن ڪوئي ڌاڙي هڻندي گرفتار ٿي پوي تہ هن کي سندس ساٿي گولي هڻي ماري ڇڏي، جيئن پيڙا ملندي ٻين ساٿين جا نالا ظاهر نہ ڪري. عينشي شڪارپور جي اناج منڊيءَ ۾ جڏهن پڪڙجي پيو هو تڏهن پنهنجي ساٿيءَ جي گوليءَ.جو ڪاج ٿي ويو هو. پرچي تي پنجراپور جي ڌاڙي وارو مشهور ڪيس ٿيو هو. جنهن ۾ هو روپوش هو. هن هڪ واڻئي جي گهر ۾ ڌاڙو پئي هنيو پر سُٽس پوندي، ان جي پاءُ در ٻاهران ڪڙو ڏئي ڇڏيو. پرچي ڀڄڻ لاءِ بالڪنيءَ مان ٽپو ڏنو پر هن جي ٽنگ تي ضرب اچي وئي ۽ هو تيزيءَ سان ڀڄي نہ سگهيو ۽ گرفتار ڪيو ويو. پوءِ ڪراچي جيل ۾ پاڻ واري سيل تي چاڙهيل ڪلف جي چاٻيءَ جو نرم صابڻ ۾ قالب ٺاهي، هن جيل کان ٻاهر موڪليو ۽ ان قالب تي ڪنجي ٺاهڻ لاءِ ڪجهہ ساٿين کي هدايت ڪيائين. ان وقت پرچو سباش چندر بوس جي آزاد هند واريءَ قومي تحريڪ سان تعلق رکندو هو پرهن کي هندستان ۾ ضم ٿيڻ مان ڪوئي فائدو نظر نہ آيو هو ۽ هن پنهنجي ريڊيو اسٽيشن ٺاهي ۽ سنڌ جي آزاد حڪومت تي قائم ڪرڻ گهري. جڏهن پرچي کي قالب تي ٺهيل چاٻي ۽ رواتي پهتي تہ هن چاٻيءَ کي ٺيڪ ڪري ڪلف کي کولي ڏٺو ۽ پوءِ ساٿين سان وقت رکيائين تہ هو جيل جي فلاٽي پاسي کان ڪار ۾ هن جو انتظار ڪن. اها سچي ڳالهہ مون کي حشو ڪيولراماڻيءَ، جو بہ شايد ساڳئي جيل ۾ نظربند هو ٻڌائي هئي. حشوءَ وڌيڪ ٻڌايو هو تہ پرچي جيل ۾ قيدين کان ڇهہ ست ڪنبل هٿ ڪري پاڻيءَ ۾ پڇايا، جيئن اهي آلا ۽ ڳورا ٿي پون. هن اهي پٽ جي پار اڇلايا، جي هن جا دوست سڪ ڪري جهلي بيٺا. (اهو هن ڪهڙيءَ طرح ڪيو مون کي حشوءَ نہ ٻڌايو هو.)

بهرصورت پرچي جنهن کي ڦاسيءَ جي سزا لڳل هئي، ڪراچي جيل جي پٽ ٿپي پچي ويو. ڪراچي جيل جي تاريخ ۾ ان نوعيت جو اهو پهريون واقعو ٿيو هو. ان کان پوءِ بہ پرچي ڪراچيءَ ۾ ڌاڙا هنيا, جنهن جو محرڪ سياسي جذبو نہ هو. پرمانند ڪيترو وقت پوءِ مون کي ٻڌايو هو تہ. ”مون سان پرچو1948ع ۾ مليو هو. مون هن کي چيو: ”تنهنجي خلاف ڊيٿ وارنٽ آهي، تون اِئين بيپرواهيءَ سان پيو گهمين.“ تہ پرچي هن کي هڪ ڪيسي مان پستول ڪڍي ڏيکاريو جنهن ۾ گوليون پريل هيون ۽ ٻئي ڪيسي مان سوَسوَ جي نوٽن جون ڏهن هزارن جون ٿهيون ڪڍي ڏيکاريو، ڪيس چيو تہ:”اهڙي ٻي بہ ٿهي منهنجي اندرئين ڪيسي ۾ پئي آهي. جيڪڏهن ڪوئي گرفتار ڪرڻ آيو تہ ان کي گوليءَ سان ختم ڪري ڇڏيندس، پر جي گرفتار ٿي پيس تہ ڏهن ويهن هزارن جي رشوت ڪافي آهي. هتان جي پوليس بي ايمان آهي. پئسن تي پيءُ جو خون بہ معاف ڪري ڇڏيندا.“

1965ع ۾ سوڀي مون کي سکر جيل ۾ ٻڌايو هو تہ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان فريئر روڊ تي فليٽ ۾ ملڻ ويو. پل ۾ سوڀي، ڪيرت جي پرواري جو دروازو کڙڪايو تہ دروازو ٿورو کُليو ۽ وٽيءَ مان پهرين ريوالور جي نالي نڪتي ۽ پوءِ دروازو يڪدم کليو. مون ڏٺو تہ پرچو بيٺو هو. پرچي، سوڀي کي تحڪماني انداز ۾ چيو:”سوڀا اندر آءُ! هن ميز جي سامهون ويهہ.“ پستول جي نالي سوڀي جي لوندڙي ڏانهن وڌائيندي چيائينس:”جي ڪوڙ ڳالهائيندين يا نڱي ڪندين تہ پستول جي گولي تنهنجي لوندڙيءَ ۾ هوندي“ پوءِ پستول سڌو ڪري چيائين:”سوڀا منهنجي مخبريءَ لاءِ آيو آهين؟“

”نہ—“ سوڀي جواب ڏنو:”مون پُل ۾ ڪيرت جو فليٽ سمجهي در کڙڪايو هو.“شايد اهو موهن پنجابيءَ جو فليٽ هو، جو مون سان هن پيري بمبئيءَ ۾ مليو هو ۽ اسان جي ويهارو دوستن سان گڏ دعوت بہ ڪئي هئائين. هو ان وقت ”ساٿي“ رسالو ڪيندو هو جنهن جي ايڊيٽر روشن (ريشم) مغل ۽ سندري اُتم چنداڻي ۽ ٻيون هندو اديبائون هيون ۽ جنهن جي ڪافي ضخيم پرچي ۾ روشن جا بہ نظم (مُڪڙي ڇا کان شرمائي ۽ هُن دنيا جي ويرانيءَ ۾ منزل ملندي يا نہ) شايع ٿيل هئا. اهي نظم مان ڪنهن مناسبت سان ٻئي هنڌ ڏيندس.

سوڀو پرچي جو گرجدار آواز ٻڌي وائڙو ٿي ويو. هو تيستائين ٻئي

دوست هئا. جيستائين انگريز سامراج جي خلاف جدوجهد ڪري رهيا هئا. هو سمجهندا هئا تہ آزادي گوليءَ پنڌ تي آهي. سوڀي وٽ پرچي جا ڪيئي راز محفوظ هوندا هئا. پر جڏهن سويت روس، جرمن سامراج سان اتحاد ڪيو ۽ سوڀو ڪميونسٽ جي حيثيت ۾ ورودي ڌر جي مخالفت ڇڏي، اتحادي ڌر ۾ شامل ٿيو جنهن ۾ انگريز ۽ ٻيا ٿي اچي ويا تہ هن جي انگريز دشمني ختم ٿي وئي هئي. سباش چندر بوس، هندستان مان ڀڄي جپانين جي مدد سان آزاد هند فوج ٺاهي، جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان سپاهي ٻئي شامل هئا. انهن جو مقصد هندستان جي آزادي هو ۽ جي اها ڪامياب ٿئي ها تہ برصغير جي تقدير ٻي هجي ها. بهر صورت ان ڳالهہ تي تاريخ پوري فتويٰ نہ لکي آهي. مون "جڳ مڙيو ئي سپنو" ۾ ان باري ۾ الڳ ڪهاڻي لکي آهي. سو پرچي، سوڀي کي انگريز سرڪار جو خابرو سمجهي، هن کي چيو:"سوڀا، اڳينءَ دوستيءَ جي ڪري تنهنجي جان بخشي ٿو ڪريان، پر منهنجي وڃڻ کان پوءِ پورو اڌ ڪلاڪ دروازي مان قدم ٻاهر نہ ڪڍجانءِ! جي تو ائين نہ ڪيو تہ منهنجا ساٿي پاسيرا بيٺا آهن ۽ اهي توکي گهڙيءَ ۾ ختم ڪري ڇڏيندا."

سوڀي وڏيڪ ٻڌايو تہ :"مون کي خبر نہ هئي تہ دوستيءَ کي سياست ائين بي مروت ڪري ڇڏيندي آهي، مان پَوَ ۾ اڌ ڪلاڪ بدران چاليهہ منٽ ويهي، پوءِ ٻاهر نڪتس ۽ ڪيرت جو دروازو کڙڪايم."

جي هيمون ڪالاڻي ۽ هنسراج وايرليس سوڊو لکيو وڃي، تہ سنڌ جو انقلابي لڏو ڪلپنا دت جي "چٽگام جي انقلابين" کان گهٽ نہ هو ۽ انهن تي قرات العين حيدر جي "آخرشب کي همسفر" کان وڌيڪ دلچسپ ناول لکي ٿو سگهجي.

مون ايترو لکيو تہ ٽي ويءَ تي ستين وڳي خبر آئي تہ اسلام آباد ۾ بم جا زوردار ڌماڪا ٿيا آهن. مصري سفارتخانو تباهہ ٿي ويو آهي ۽ 65 ماڻهو زخمي ٿيا آهن. جن ۾ 5 مصري، هڪ افغاني ۽ ست پاڪستاني بہ شامل آهن. اهو بہ ٻڌايو ويو تہ بم گاڏيءَ ۾ رکيل هئا ۽ ريموٽ ڪنٽرول (Remote Control) وسيلي ڌماڪو ڪيو ويو هو. اها ڪارروائي مصر جي جامع اسلاميہ نالي گروپ پاڻ تي تسليم ڪئي ۽ مون کي دهشتگرديءَ کان نفرت اچي وئي، جنهن ۾ بي ڳناهہ ماريا ٿا وڃن ۽ مون 1857ع جي بلوي تي آپيرا لکڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ مون کي "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" واري پنهنجي

آپيرا جي ڪجهہ سٽن تي افسوس ٿيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هي ٽيڪنالوجيءَ جو دؤر آهي ۽ رموٽ ڪنٽرول سان پوري عمارت کي اڏائي ٿو سگهجي. اڳ تہ ٻانهن جو ٻل آزمائبو هو ۽ مڙس جو مڙس سان مقابلو ٿيندو هو. هاڻ ٻار ۽ عورتون بہ ماريا وڃن ٿا. 1857ع واري بلوي ۾ بہ ٻار ٻڍا ۽ عورتون بہ ماريون ويون هيون. جنگ ۾ دشمن لاءِ نفرت, انسان کي انڌو ڪري ٿي ڇڏي ۽ هن مان خون ناحق جو احساس ئي ڪڍي ٿي ڇڏي ان ڪري 1857ع ۾ دهلي, ڪانپور, اوڌ, بهار, جهانسي, راجپوتا, مڌيہ پرديش ۽ پنجاب ۾ بلوي ۽ ان جي اهم ڪردارن نانا صاحب, تانتيا ٽوپي, جهانسي جي راڻي لڪشمي ٻائي ۽ بيگم حضرت محل وغيره تي مون ڪتاب ويڙهي رکيا آهن, جن ۾ لکيل هو تہ بلوي ۾ انهن تي ۽ انگريز زالن ۽ ٻارن تي ڪيترا ڪيس ڪيا ويا.

انهن سان گڏ مون ”علماء هند ڪا شاندار ماضي“ جا ٽي جلد بہ ويڙهي رکي ڇڏيا آهن, جن سامراج جي خلاف تحريڪ ۾ حصو ورتو هو. جيڪي انڊمان نڪوبار ٻيٽن تي نظر بند ڪيا ويا هئا. ان سان گڏ مون فرانس, اٽلي, اسپين, روس, لاطيني آمريڪا, اتريورپ, برٽين ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس (USA) ۾ ٿيل انفرادي ۽ اجتماعي دهشتگرديءَ جي تجزئي تي مواد طاقِ غفلت جي حوالي ڪري ڇڏيو.

مون کي ياد آيو تہ تانتيا ٽوپيءَ تي روزاني ”برسات“ ۾ ڇپيل اٺن نوَن قسطن مان آخري قسط جو اختتام مون هينئينءَ ريت ڪيو هو: ”مون کي ياد ٿو اچي تہ جڏهن مان لنڊن ۾ ڪرامويل هاسپيٽل ۾ هوس تہ هڪ انگريز شاعرُ مون وٽ هڪ سنڌي دوست سان گڏجي آيو هو جنهن لورڪا جي شاعريءَ جي باري ۾ ڳالهائيندي, مون کان پڇيو هو: ”ڇا تو لورڪا کي پڙهيو آهي؟ ڏسڻ ۾ تہ مون کي تون هن کان ڪافي متاثر ٿو لڳين.“

”هسپانوي زبان تہ مان نہ ڄاڻان, پر هن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٻہ چار پيرا پڙهيو اٿم.“ مون جواب ڏنو.

هن چيو : ”مان توکي هن جو نظم ٿو ٻڌايان, جيڪو ترجمي ۾ شامل ناهي.“ پوءِ هن مون کي لورڪا جو هينئين نظم ٻڌايو:

”جي مان مري وڃان تہ بالڪني کولي ڇڏجانءِ!

ننڍڙو چوڪرو نارنگيون کائي رهيو آهي،
(مان بالڪونيءَ مان هن کي ڏسي سگهان ٿو.)
هاري ڪٽڪ لٺي هٽي رهيو آهي
(مان بالڪنيءَ مان هن کي ڏسي رهيو آهيان.)
جي مان مري وڃان
تہ بالڪني کولي ڇڏجانءِ!"

مان تانتيا ٽوپيءَ تي هيءَ لکٽي لکي سوچي رهيو آهيان تہ جي مان جهانسي جي راڻيءَ ۽ تانتيا ٽوپيءَ تي بالڪني کوليان تہ ڇا هو ٻاهر پنهنجي آزاد ڌرتي ڏسڻ چاهيندا يا هڪ نظرڌرتيءَ تي وجهي بالڪني بلڪل بند ڪري ڇڏيندا؟ آخر ٻاهرڏسڻ جهڙو ڇا آهي؟

ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ آزاديءَ لاءِ جيڪو رت وهيو سو رائگان ويو. اها ڳالهہ نہ رڳو هتي، پر ويٽنام ۽ آمريڪا جي جنگ تائين سچي آهي، آمريڪا ۾ بہ ٽنڊن منڊن War Veteran جون حالتون پڙهي روح ڏکي ٿو وڃي.

سال 1984ع ۾ ماسڪو ۾ دهشتگرديءَ تي هڪ ڪتاب ڇپيو هو جو مون پڙهيو آهي. اهو ڪتاب گورباچوف جي پيرسترائيڪا کان هڪ سال اڳ ڇپيو هو. ان ڪتاب ۾ اولهہ يورپ، ڀُونوچ سمنڊ (Mediteramion) واري علائقي ۽ لاطيني آمريڪا ۾ کاٻيءَ ڌر واري دهشتگرديءَ کي ننديندي چيو ويو آهي تہ : "دهشتگرديءَ سان ڪو مسئلو حل نہ ٿو ٿئي."

دهشتگرديءَ ڏانهن لاڙي جا اثر اڃا اتر آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا، ايشيا ۽ آسٽريليا ۾ بہ آهن. لاتعداد واقعا ٿيا آهن، بمن جي ڌماڪن، يرغمال ۾ ورتل شخصن جي غارتگريءَ جا ۽ هوائي جهازن کي يرغمال بڻائڻ جا. هيءَ ڌرتي پاڻ نيوڪلئر تجربات جي ڪري هڪ ٽائيم بم وانگر ٿي رهي آهي ۽ دهشتگرد ان کي اڏائي سگهڻ جا اهل آهن. تاريخ ڏيکاريو آهي تہ ساڄيءَ ڌر وارا ۽ نوان فاشسٽ، کاٻيءَ ڌر وارن کان اڳ فعال ٿين ٿا، جيئن مٿي ذڪر ڪيل اسلام آباد واري واقعي مان ظاهر آهي.

اڪثر دهشتگرديءَ جي واقعات کي جنون جي حد تائين قوم پرستي يا مذهبي تصورات جو پس منظر آهي. تازو ڪيئي حلقا پاڻ کي سامراج جي

ظلم ۽ استبداد جي خلاف احتجاج لاءِ دهشتگرديءَ کي ذريعو بڻائين ٿا، پر ڪاهي ڏر وارا الفاظ Phraseology (محاورن جو علم) استعمال ڪري، هو پنهنجا مقصد جائز قرار ڏئي نہ ٿا سگهن. مثال طور اي. ٽي. اي (A.T.A) جا اسپين ۾ باسڪ دهشتگردن جي تنظيم آهي. The Boseque Terrorist Organization انهيءَ تنظيم فرانڪو جي آمريت جي زماني ۾ فرانڪو جي سلطنت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ دهشتگرديءَ کي ضروري سمجهيو جيئن پوءِ هڪ باسڪ جي خودمختيار حڪومت ناهي سگهي. باسڪ، اسپين جو هڪ صوبو آهي. ان تحريڪ ۾ فاشزم جي خلاف نعرا ها ۽ ان جو مقصد انتها پسند معاشي تبديلي (Radical Social Transformation) هو. انهيءَ وقت اها تحريڪ ڪاهيءَ ڏر واري دهشتگرديءَ جي هئي، پر جڏهن فرانڪو جي حڪومت ڍهي پئي تہ اڳئين ڪاهي ڏر واري مسخري بند ڪئي وئي ۽ اي. ٽي. اي هڪ قوم پرست دهشتگرد تنظيم ٿي پئي. اسان آفريڪا جي 'مائو مائو تحريڪ' جي باري ۾ پڙهيو آهي ۽ آمريڪا جي سياهہ فامن (ڪارن) خلاف ڪوڪلس ڪلان (Ku Klux Clan) جي باري ۾ بہ ڪتاب پڙهيا آهن ۽ وڊيو ڪئسٽ بہ ڏٺا آهن. ائين برابر آهي تہ جڏهن سياهہ فام نقاب پوشيءَ تي لهي آيا ۽ مِسي سِپي شهر کي باهہ ڏنائون، تڏهن سفيد فام آمريڪي سڌا ٿيا. پر جنگ، تخريبڪاري، دهشتگردي غلط طريقا آهن تہ انهن سان انصاف جي گهر ڪئي وڃي. پوءِ اهو الجيريا، زمبابوي، نڪاراگوا ۾ هجي يا ننڍي کنڊ جي ڪنهن ملڪ ۾ هجي. دهشتگرديءَ جو متحرڪ جذبو مارڪسي، فاشي، اسلامي يا عبراني هجي، دهشتگردي غلط آهي. مون ويجهڙائيءَ ۾ ٽالسٽاءِ جا ڪتاب پڙهيا آهن، هن کي بہ انارڪسٽ (تخريبڪار) ڪوٺيندا هئا. چاڪاڻ جو انارڪزم بہ دهشتگرديءَ جي پس منظر ۾ آهي. ٽالسٽاءِ جي انابت (Conversion) ڪان اڳ تہ اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين صحيح هئي، ان ڪري ان تي جرمن افسانہ نويس اسٽيفن زويگ چيو هو: "ٽالسٽاءِ اسان جي دؤر جو سيني ڪان وڏيڪ جذباتي انارڪيت پسند ۽ اجتماعيت دشمن آهي." جڏهن ڪنهن جرمن اسڪالر ٽالسٽاءِ کي انارڪي پسند چئي، ٻين ساڳين نظرئي وارن سان ڪتاب ۾ شامل ڪيو تہ ٽالسٽاءِ ناراض نہ ٿيو چو تہ هن ڪتاب ۾ اهو بہ لکيو هو: "ٽالسٽاءِ تشدد جو مخالف هو دراصل ٽالسٽاءِ تي بہ ٻين اديبن جي خيالات

جو اثر هو.“ فرينچ مفڪر پروڌان (Proudhan) جي ڪتاب ’ملڪيت ڇا آهي‘ (What is Property) کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. مان ڀانيان ٿو تہ پروڌان جا نظريا انارڪيت جا باني هئا. هن جي چوٽي آهي تہ: ”قوم پرستي ئي آزاديءَ جي راھہ ۾ وڏو روڙو آهي.“

”سڀ حڪومتون هڪ جيتريون بريون ۽ چڱيون آهن. اهو انارڪيءَ جو بهترين آدرش آهي.“ ٽالسٽاءِ مٿي ذڪر ڪيل پروڌان جو ڪتاب 1857ع ۾ پڙهيو هو. 1882ع ۾ ٽالسٽاءِ، پروڌان سان بروسيلز ۾ مليو هو ۽ هن سان خيالات جي ڪافي ڏي وٺ ڪئي هئائين. ڪجھہ وقت کان پوءِ ٽالسٽاءِ هن جي باري ۾ لکيو: ”پروڌان ئي فقط هڪ انسان هو جنهن اسان جي دؤر کي سمجهيو ٿي ۽ جنهن عوامي تعليم ۽ پريس جي اهميت ڄاتي ٿي.“ ٽالسٽاءِ، پروڌان کان متاثر ٿي ڪتاب لکيو تہ جنگ انساني نفسيات تي ديرپا اثر ڇڏي ٿي، جيتوڻيڪ سياسي ۽ ملٽري ليڊر ان کان ايترو متاثر نہ ٿا ٿين.

اسان جي لاءِ، برصغير جي نفسياتي درستيءَ لاءِ، ٽالسٽاءِ جو مطالعو نهايت ضروري آهي.

بڪونن جا تخريبڪاريءَ وارا نظريا ٽالسٽاءِ کي نہ وڻندا هئا. بڪونن، هن جي نظر ۾ اهڙو تخريبڪار هو جنهن ساري مصنوعي دنيا جو خاتمو آڻڻ ٿي چاهيو جا مٿاهين سماج ۽ سياست جي چنبي ۾ هئي، توڙي اها ڳالھہ تشدد کان سواءِ ۽ اخلاق جي تبديليءَ سان بہ ٿي سگهي ها.

ٽالسٽاءِ، پرنس ڪروپوٽڪن جو وڏو مداح هو، جيتوڻيڪ هن جي ڪروپوٽڪن سان ملاقات نہ ٿي هئي. اسان وٽ محمد ابراهيم جويو شروعات ۾ پرنس ڪروپوٽڪن جو مداح هو ۽ هن جي ڪتاب ’امداد باهمي‘ (Mutual Aid) جو سنڌيءَ ۾ ترجمو بہ ڪيو هئائين. ان ۾ شڪ ناهي تہ توڙي محمد ابراهيم جويو سنڌي نوجوانن کي ڪوئي دڳ نہ ڏسي سگهيو آهي، پر سنڌي نوجوان جي شعور جي ارتقا ۾ هن جو وڏو هٿ آهي.[1]

رومين رولان (Romain Rolland)، ڪروپوٽڪن جي باري ۾ چيو هو تہ: ”هن پنهنجي ساري دولت ۽ پنهنجي سماجي حيثيت عوام لاءِ قربان ڪئي هئي.“

[1] جويي صاحب ڪروپاٽڪن جو ڪتاب ”نوجوانن ڏانهن“، برڪت آزاد جو ترجمو ڪيل، سڌاري، حاشين ۽ نوٽن سان ڇهن کان وڌيڪ ڇاپا ڇپرايو آهي (ت.ج)

تالستاءِ پنهنجي ڪتاب ”هڪ انقلابيءَ جون ساروڻيون“ ۾ بہ ڪروپوٽڪن جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي هئي. جيتوڻيڪ ڪروپوٽڪن تشدد جي حمايت ڪئي هئي، پر هو ان مان خوش نہ هو. تشدد هن جي فطرت جي خلاف هو. ڪروپوٽڪن کي بہ تالستاءِ لاءِ ڏاڍي عزت هئي. هن کي ’ساري دنيا جي دل ۾ پيهي ويندڙ انسان‘ (The Most Touchingly Loving Man In The World) چيو هئائين. ڪروپوٽڪن جنهن ڳالهہ کي ’امداد باهمي‘ تي چيو اها تالستاءِ جي پيار جي نظريئي کان پري نہ هئي. جڏهن تالستاءِ ڪوهہ ڪاف ۾ آفيسر هو تڏهن هو پهاڙي ماڻهن ۾ قزاقن جي ويجهو آيو ۽ ڏٺو هئائين تہ اهي ماڻهو فطرت جي ڪيترو قريب هيا ۽ زندگيءَ جي هر شهري بدعنوانيءَ کان ڪيترو پري هئا. سائبيريا جي رهاڪن جي باري ۾ بہ ڪروپوٽڪن جا ساڳيا خيال هئا.

تالستاءِ کان سڀ کان وڌيڪ متاثر انسان مهاتما گانڌي تيو آهي. مهاتما گانڌيءَ هڪ بي مثال حڪمت عمليءَ سان هندوستاني قوم کي جاڳايو ۽ رت وهائڻ کان سواءِ هنن جي رهنمائي ڪئي. گانڌي ڪيترن ئي آزادي پسند مفڪرن کان متاثر هيو پر هن جي ’اهنسا‘ جي تحريڪ آمريڪي مفڪر ٿارو (Thoreau) ۽ روسي مفڪر تالستاءِ جي زير اثر تربيت ورتي ۽ ڳوٺن ۾ پنچائتي سرشتي جو خيال کيس پرنس ڪروپوٽڪن جي مطالعي مان مليو. مون چاهيو ٿي تہ سوپي گيانچنداڻيءَ کي ٻڌايان تہ مان انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ تالستاءِ ۽ پرنس ڪروپوٽڪن کان سواءِ ٻين روسي مفڪرن انسان ذات کي غلط راهہ تي لاتو هو. مون اهو بہ چاهيو تہ مون هڪ ڪتاب ’لينن کان گورباچوف تائين‘ جو هڪ پول شاعره کان خريد ڪيو هو جنهن جو لنڊن ۾ ڪراميل اسپتال پرسان ڪتاب گهر هو ۽ جنهن جو ذڪر مون اڳيئي ڪيو آهي، اهو سوپي کي پڙهڻ لاءِ ڏيان، ڇو تہ ان ۾ لينن کان وٺي گورباچوف تائين دليل ۽ انگ اکر ڏئي ثابت ڪيو ويو آهي تہ سوويت انقلاب ناڪامياب ٿيو آهي، پر مون سمجهيو تہ هو اها ڳالهہ مڃيندو ڪونہ، ان ڪري مون کيس اهو ڪتاب نہ ڏنو.

ڳالهيون ڪندي مون سوپي کي چيو: ”مون کي تاريخ جي مطالعي اهو سيکاريو آهي تہ انسان بنيادي طرح جاهل ۽ ظالم آهي ۽ اشرف المخلوقات ٿيڻ لاءِ هن کي وڏو جهادِ نفس ڪرڻو آهي ۽ ان جو بار انسان تي آهي تہ هو

ثابت ڪري تہ هو اشرف تي سگهيو آهي.“ ميڪاوليءَ جي گلا لاءِ ڪهڙا بہ سبب هجن، پر هن جو انسان جي ڪميٽائيءَ جي باري ۾ اندازو صحيح آهي تہ: ”اها ڳالهہ انسان جي فطرت ۾ مضمر آهي تہ اهڙا ڪم ڪري، جي سماجي نظام کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏين ۽ ان جي سگهہ کي نهوڙي نين ۽ غالباً ان ڳالهہ کي ڪرستاني دينيات جي ماهرن اصلوڪو گناهہ (Original Sin) ڪوٺيو آهي.“

هاڻي منهنجو انسان جي چڱائيءَ مان اعتبار نڪري ويو آهي ۽ انگريز مضمون نگار سُوِفٽ (Swift) ۽ شوپنهار کي ياد ڪندو آهيان. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ مُلا بہ مون تي ناراض رهيا آهن ۽ ڪميونسٽ بہ ناراض رهيا آهن. اقبال ٺيڪ چيو آهي:

”تِري آزاد بندون ڪي، نہ يہ دنيا نہ وہ دنيا.“

مون سوڀي کي اهو بہ چيو: ”ڪميونزم جي بنيادي ڳالهہ اقتصادي معيشت (Economic Determinism) ناڪام ٿي آهي. روس ۾ 1917ع کان 1975ع تائين روسي اقتصاديات ۾ ڦيري لاءِ ڪوشش ڪئي وئي، پر اها ناڪام وئي ۽ انساني ڪردار تي اثر انداز نہ ٿي سگهي. دراصل انساني ڪردار ۾ ڦيرو ئي ملڪي معيشت بدلائي سگهندو آهي. جڏهن تہ صاحبِ ڪردار شخص اقتدار ۾ هوندا آهن، تڏهن ئي عوام کي اقتصادي انصاف حاصل ٿيندو آهي.“

سوڀي چيو: ”تون بہ مون وانگر ٿو چوين تہ چڱا ماڻهو ئي معاشي ڦيرو آڻي ٿا سگهن. پر مان اهو نہ ٿو مڃيان تہ انسان ذات سڌري نہ سگهندي، جي اِئين آهي تہ ماڻهو جيئي ڇا جي لاءِ ۽ آپگهات ڇو نہ ڪري.“

مون جواب ڏنو: ”جنهن ڳالهہ لاءِ اڃي جيئندو هو، خودشناسيءَ ۽ خدا شناسيءَ لاءِ.“ سوڀي کي انهيءَ جواب ڪافي مايوس ڪيو.

مون کي اوچتو ياد آيو تہ هڪ ڀيري سوڀو مون کي، نشاط سئنيما جي پرسان رهندڙ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اهم رڪن گجرال وٽ وٺي هليو هو. (جيڪو ڪافي سال پوءِ اندرا گانڌيءَ جي ڏينهن ۾ ڀارت جو پرڏيهي وزير رهيو هو ۽ هاڻي بہ آهي.)[1] ۽ چيو هٿائين تہ: “Meet our Red Poet”

---

[1] جيڪو بعد ڀارت جو صدر بہ ٿيو (ت.ج)

(اسان جي سرخ شاعر سان مل.) گجرال پر تپاڪ هٿ ملايو هو ۽ چيو هئائين تہ: "سنڌي نظم ٻڌاءِ تہ مان ان جي رواني ۽ موسيقيءَ جو اندازو لڳائي سگهان." مون هن کي "او باغي، او راج دورهي" ٻڌايو تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ چيو هئائين: "تون شاعريءَ ۾ چندر شيکر آزاد آهين." گجرال، دراصل پنجابي هو ۽ هن جو پيءُ ان دؤر ۾ پنجاب اسيمبليءَ جو ميمبر هو. چندر شيکر آزاد، اصل ۾ ڀڳت سنگهہ جو ساٿي هو ۽ وڏو دهشتگرد ۽ انقلابي هو.

پوءِ سوڀي اهو چئي موڪلايو تہ: "ان ڳالهہ تي مان توسان متفق آهيان تہ اسان جي دوستي ذاتي آهي، نظرياتي ناهي. اسان سدائين دوست رهنداسين."

منهنجو سِسي فس جي ڏند ڪٿا (Myth of Sisifus) ۾ ويساهہ نہ رهيو آهي، جو هو هر هر ڇپ کي چوٽيءَ تي صرف ان لاءِ گهلي پهچائيندو هو تہ اها گڙگڙاهٽ ڪندي هيٺ اچي ڪِري. ان ڳالهہ تي ڪيترو صبر ڪري ٿو سگهجي. سوڀي جي وڃڻ کان پوءِ مون کي نوبل انعام کٽندڙ اديب وليم فاڪنر (Willium Falkner) جا لفظ ياد آيا تہ: "زندهہ رهڻ لاءِ قوت، هر ڳالهہ جي جذب ۽ سان برداشت ڪرڻ سان ۽ ان جي باوجود ثابت قدم رهڻ."

The copacity to survive and absorb and endure and still be steadfast.

ڪيئن چئجي تہ هن جا مٿيان لفظ ڪنگ ليئر (King Lear) ۾ هڪ ڪردار ايڊگر جا لفظ ڦير گهير ڪري ورجايا هئا:

Men must endure,
Their going hence, even as their coming hither.
Ripeness is all.

"انسانن کي برداشت ڪرڻ گهرجي
انهن جو وڃڻ ۽ سندن موٽي اچڻ بہ
رچي راس ٿيڻ ئي سڀ ڪجهہ آهي."

مان اڄ تائين ڪنهن نظرئي کي ڳچيءَ ۾ نوڙ ڪري وجهڻ پسند نہ ڪيو آهي. مان غلاميءَ ۽ گلوخلاصيءَ ۾ فرق ڄڳيءَ طرح سڃاڻان. تخليق جي آزاديءَ کان سواءِ تخليق بي جان آهي، ان ڪري منهنجي ڪنهن بہ

نظرياتي پارٽيءَ سان وابستگي نہ آهي ۽ نہ رهندي.

سوڀو منهنجي دوستن ۾ سڀني کان دلچسپ دوست آهي، مان هن تي پورو ڪتاب لکان ها، جي هو موٽي اچي ها، پر واعدو ڪري بہ هو نہ موٽيو ۽ لاڙڪاڻي هليو ويو. مان سوڀي کي در تائين ڇڏي، زرينا ڏانهن موٽي ٿو اچان، جنهن کي مان ڪجهہ وقت لاءِ ڇڏي هليو ويو هوس: لاٽوڻي اجان ڦري رهي آهي، پر هاڻي ان کي ڏور وري ويڙهڻي آهي.

گوئٽي جي ان ڳالهہ: ”ذات جي اڏاوت خاموشيءَ ۾ ٿيندي آهي.“ سان نہ رڳو فرانسيسي اديب مارسل پراؤسٽ (Marcel Proust) متفق هو پر مان بہ متفق آهيان.

مان ۽ زرينا هاڻي بہ نہ رهيا آهيون. رڳو جديد طبيعات جي ماهرن وانگر اسان جي مڪان جي ٽن پکيڙن (Dimensions) کي زمان جي لازميءَ چوٿينءَ پکيڙ سان ملايو آهي. مون سموري زندگيءَ کي هڪ ڳوريءَ ريڙهيءَ وانگر جڳهہ جڳهہ گهليو آهي ۽ ان ۾ نوان نوان ادبي ساز وسامان ريڙهيا آهن. هاڻي اها ريڙهي، ٻيهر ٻيهاري زرينا کان اهو ڪجهہ وٺي رهيو آهيان، جو هن وٽ وقت جي شڪست ۽ ريخت کان بچيو آهي.

”زرينا، ننڍي هوندي اسان ٻيون ڪهڙيون رانديون کيڏندا هئاسين؟“

ڇڏن سان گُچي راند کيڏندا هئاسين. اِنڊا، ڪبوتري، رنگارنگي پڙاوان ڇِدا، رنگ رنگ جون گوليون، ڇدو ڇدي کي ڇُٽيو وڃي ٿو ۽ سڀ گل، جون صدائون اچن ٿيون. زرينا جون جيڏيون ڪوڏين سان ليڪڙ، وڏڪاڻي، ڇنر اِڪي ٻوڙ رانديون ڪن ٿيون. مان 65 سال واري ٿو ڇڏيان.

ڏهن سالن جي ٻار وانگر، منهنجي نظر ۾ ٻارن جي پاندن ۾ ٻائليون، سُرميل، گبو ڊينگ ۽ گانءِ ڪوڏيون آهن. ٻائلي ننڍڙي سونهري ڪوڏيءَ کي، ڊينگ ٿلهيءَ ڪوڏيءَ کي، گبو خاڪي رنگ واريءَ ڪوڏيءَ کي، سُرميل سرمائي رنگ واري ڪوڏيءَ کي ۽ گانءِ ڇٽڪمري ڪوڏيءَ کي چوندا هئا. ليڪڙ جي کيڏارين مان هر هڪ، هڪ ٻائلي ڏيندو هو پوءِ هر کيڏاري سڀ ٻائليون ڦٽي ڪندو هو ۽ جنهن جي ٻائلي اونڌي پوندي هئي، اهو کٽي ويندو هو.

”زرينا، ’ذرا عمر رفتہ ڪو آواز دينا‘ ٻيون ڪهڙيون رانديون ڪندا هئاسين؟ مون کان تہ ڪوڙئين ڪتاب پڙهي، پنهنجي زندگي ئي وسري وئي

آهي. فرانس، جرمني، اٽلي، انگلنڊ، آمريڪا، جپان، چين، هندستان، پوري مغرب ۽ مشرق جي ادب ڪي مون ڏٺو آهي، پر مون کي پنهنجي جنم ڀومي شڪارپور ياد نہ آهي. ڪاليج جي زماني ۾ مان انگريز شاعر گولڊ سمٿ جو نظم 'ويران ڳوٺ' (Deserted Village) پڙهندو هوس. پر شڪارپور اڄڪلهہ ان کان بہ وڌيڪ ويران لڳي رهي آهي. اسان ان کي پنهنجي تصور ۾ ئي اُپاري سگهون ٿا.

مون سئمون دي بوار جو سارتر تي لکيل ڪتاب 'الوداع' (Adieu) پڙهيو جنهن ۾ سارتر جي موت کان اول سئمون سان ڪيل گفتگو ڏنل آهي. خدا نہ ڪري تہ هي ڪتاب ان ڪتاب وانگر ثابت ٿئي. مون کي اجا ڪيئي ڪتاب لکڻا آهن. مون هڪ هنڌ لکيو هو تہ: "جنرل ضياءَ الحق مون کي مدو (وائيس چانسلرشپ جو) پورو ڪرڻ ڏنو تہ موت ايترو بي مروت ڪٿي آهي؟" منهنجي ذات جڏهن بہ علي بابا وانگر 'کل جا سم سم' چوندي آهي تہ هڪ نئون ادبي خزانو ليپي پوندو آهي. ها، تون سلسلي کي جاري رک. پيون کهڙيون رانديون ڪندا هئاسين."

زرينا جواب ڏنو: "اسان ڇوڪريون تہ هڪ راند "ايسي موري لال ڪٽوري" کيڏنديون هيونسين، جنهن ۾ ڇوڪريون پاڻ ۾ هٿ ملائي ڦيرا ڏينديون هيون ۽ ڪاريءَ رات ۾ ائين لڳنديون هيون، ڄڻ ڪتيون آسمان ۾ ڦري رهيون آهن. اسان جي وارن جون ربنيون ۽ هٿن ۾ شيشي جون رنگارنگ ڪنگڻيون ڦيري وقت دلفريب فضا پيدا ڪنديون هيون. ڪيئي رانديون کيڏنداهئاسين. کهڙيون ٻڌائي کهڙيون ٻڌايانءِ. نوڙيءَ ٽپي، لِڪي ڇپي، جهومڙي جهمي، اِتي ڏڪر. جهومڙي جهتي ۾ چار ڇيچي هوندا هئا. اهي سيئي پنهنجي هٿ تي هٿ هٽندا هئا. هڪ سڄي هٿ جي تري ابتي رکندو هو تي ڇٽا سبتي رکندا هئا، تہ اهو ڇٽي ويندو هو. جي بہ ڇٽا تريون سُبتيون ۽ بہ ابتيون رکندا هئا، تہ راند ٻيهر هلندي هئي. عجيب غريب گيت بہ ڳائيندڀون هيونسين.

تنڊٽي ڙي تنڊٽي
اسين تنهنجا ماٺهو
ڇبينداسون ڏاڙهون.

هيءَ ڪڙ ڪڙ ڪھڙي،
ستن پائن جھڙي
ستئي ويا ڪم تي
ديگ چڙھي دم تي

بابل کي چئجانءِ
دادل کي چئجانءِ
منھنجي گڏي آڻجانءِ
روپي ۾ تورائجانءِ
سون ۾ مڙھائجانءِ.
يا
ارچڪ مرچڪ
ڏاٽا ڏرچڪ
آڱ پٽيئڙو
ناڱڻ جوڳڻ
خيران ڪُتي
مُني، چتي.

اهي ڪھڙيءَ ٻوليءَ جا لفظ آهن، جا اسان جي قديم ماضيءَ ۾ ڳالهائي ويندي هئي، جا هاڻي مدفون ٿي چڪي آهي. اسان جا ٻار تہ انهن ڳالهين مان ڪجھ بہ نہ ڄاڻن! هڪ اجنبي تهذيب جي چوڏول ۾ گھوماتيون ۽ پانواٿيون کائي رهيا آهن. هنن تہ اهي رانديون ٻڌيون بہ نہ آهن ۽ نہ ئي هنن کي انهن شين جو ڪو پتو ئي آهي، جيڪي اسان شڪارپور ۾ ڏٺيون هيون. هو پنهنجي شهر ۾ جلاوطن آهن. اسان جي ٻوليءَ سان راڱا ڪيا ويا آهن ۽ اسان جي تهذيب تي هاڃا هنيا ويا آهن. اسان جو تشخص تباھ ڪرڻ ۾ پنهنجو هٿ آهي. اسان پنهنجي پاڻ جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهيون. پنهنجي شخصيت کي مسخ ڪرڻ ۾ اسان ماهر آهيون. تاريخ کي ڪهڙو ڏوھ ڏيون؟

ٻي راند هئي، جهمٽ مُٺو جنهن ۾ هڪ ٻيپچي چيلھ جهڪائي اونڌو ٿي اکيون پوري ٻيهندو هو. ٻنيان هن جي چيلھ تي هڪ ڄڻو مُڪ تي مُڪ رکي ٻيهندو هو. پرسان ٻيٺل ٻيو ٻيپچي چوندو هو: ”ايڻ ميڻ، جهمٽ مٺو دودو

ڪيڻ." جي هُن هوٽيل اکين سان ڇيو تہ پٺيءَ تي مُڪ رکندڙ دودو نہ آهي ۽ واقعي اهو دودو نہ هوندو تہ ٻيو پيچي، هن جي پٺيءَ تي مُڪ رکندو هو. وري هن کان ساڳيو سوال پڇندو هو. پر جي اهو سچ پچ دودو هيو تہ هن جاءِ تي دودو چيلهہ جهڪائي، اکيون ٻوٽي ٻيهندو هو ۽ ٻيو پيچي هن جي پٺيءَ تي مُڪ رکي ٻيهندو هو ۽ هن کان پڇندو هو: "ايڻ ميڻ، جهمٽ مُٺو راٽو ڪيڻ." ۽ راٽي جي سڄاٽپ شروع ٿي ويندي هئي. ڇوڪريون جڏهن اها راند کيڏنديون هيون تہ هڪ ڇوڪري چيلهہ جهڪائي، اکيون ٻوٽي ٻيهندي هئي ۽ ٻہ ڇوڪريون هٿ مٿان هٿ رکي، هن جي چيلهہ تي رکنديون هيون ۽ ٽين ڇوڪري چوندي هئي:

ڦوٽا ڦڪيندس، لؤنگ لٽيندَس،
هيٺيئڙو ڪِن مٿيئڙو.

اکيون ٻوريل ڇوڪريءَ، جي ڪنهن بہ ڇوڪريءَ جو صحيح نالو ٻڌايو تہ انهيءَ کي اکيون ٻوري، چيلهہ جهڪائي ٻيهڻو پوندو هو ۽ ٻہ ڇوڪريون هن جي چيلهہ تي هٿ رکي ٻيهنديون هيون ۽ ساڳيو سوال ڪنديون هيون.

زرينا! انگريزي شاعر آسڪر وائيلڊ هڪ نهايت غم انگيز نظم لکيو هو. ريڊنگ جيل جو گيت Ballad of Reading Jail، جنهن جي پهرين سٽ هئي:

Every one kills the things he loves.

(هر ڪوئي ان شيءِ ئي کي قتل ڪري ٿو جنهن سان هن جي محبت آهي.)

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان قتل ڪري، پنهنجي خودڪشي ڪئي آهي. هاڻي تون ڪي ٻيون رانديون ٻڌاءِ؟"

"ٻيون رانديون اوهان ڇوڪرا کيڏندا هئا. گهوري، ڪوڏي ڪوڏي ۽ هڪ عجيب راند 'الله داد ڙي' بہ کيڏندا هئا. الله داد شايد شڪارپور جو نامي گرامي ڌاڙيل هو. ان جي اطلاع سان اوهان وٺي ڀيرين، مٿي اڳهاڙي پڇندا هئا ۽ شڪارپور جا اٺئي دروازا گهمي ايندا هئا. لکي در هزاري در هاٿي در سوي در خانپوري در ڪرن در واڳڻو در نوشهرو در. انهن سڀني جي خاڪ اوهان جي پيرن کي چنبڙيل هوندي هئي ۽ اڄ بہ انهن کي سڏي رهي آهي. تو

ڪڏهن محسوس ڪيو آهي تہ شڪاپور، ڪراچيءَ کان هزار ڀيرا بهتر هئي؟ هتي ڇا آهي؟ ڪارخانا. انهن مان نڪرندڙ دونهين جا ڪڪر. هڪ طرف اوچا ماڙا. ٻي طرف غريبن جون جهوپڙيون. برصغير ۾ سرمائيداري نظام اسان کي غليظ ۾ غليظ زندگي ڏني آهي. بمبئيءَ ۾ بہ جنهن فائيو اسٽار هوٽل ۾ اسان رهندا هئاسون، ان جي سامهون گندي فوٽ پاٿ تي جهوپڙيون هونديون هيون. جتي ماڻهو سمهندا، رڌيندا ۽ پچائيندا هئا. چوڌاري گندگي هوندي هئي. ايئرڪنڊيشنڊ هوٽل مان نڪري ڪار ۾ ويهندا هئاسون تہ، ڏپ ڪجهہ وقت اسان جو پيڇو ڪندي هئي. ڪراچي بہ هڪ گندو تلاءُ آهي، جنهن ۾ جوڙون ئي جوڙون آهن. رت پياڪ جوڙون!"

ان تي مون سوچيو تہ ڪراچيءَ ۾ جيڪي بہ باذوق يادگار آهن، اهي انگريزن جي دؤر جا آهن. سٽي هال ڪلاڪ (City Hall Clock) جارج پنجين جي جوبليءَ جي يادگار طور ٺهرايو ويو هو. ڊي. جي. سنڌ سائنس ڪاليج، 1887ع ۾ وجود ۾ آيو فريئر هال، جيڪو تڏهن جي گورنر سر بارٽل فريئر جي يادگار طور 1885ع ۾ ٺهرائي مڪمل ڪيو ويو هو (جنهن جي ڇت تي پاڪستان جي مشهور مصور صادقين جون پينٽنگس ٽيل آهن.) جڏهن سنڌ جي سرزمين ڇڏي رهيو هو. نيو هام گليءَ جي ڪنڊ وٽ قائداعظم جو گهر هيو. ڪراچي پورٽ هيڊ ڪوارٽر، جو بمبئيءَ جي گورنر لارڊ ولنگٽن 1916ع ۾ ٺهرايو هو. ميري ويدر ٽاور، جو 87_1886ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر وليم ميري ويدر ٺهرايو هو. سنڌ ڪلب، هولي ٽرنٽي ڪٿيڊرل (Holy Trinity Cathedral) سينٽ ائنڊريو چرچ، وڪٽوريا ميوزم، امپريس مارڪيٽ، گورنر هائوس ۽ ميونسپل آفيس سڀ خوبصورت فنِ تعمير جا نمونا انگريزن ٺهرايا هئا، جن جي اسان پوري نظرداري بہ نہ ڪري سگهيا آهيون.

هاڻي تہ محمد علي جناح روڊ تي نڪتل دونهون (Exhaust Fume) قائداعظم جي مزار کي بہ خراب ڪري رهيو آهي. جنهن تي جڙڻ نيرو استر چڙهي ويو آهي. جنهن جي اندر وڏو ۽ خوبصورت شانڊلئر چين جي سرڪار لڳارايو هو. باقي آغا خان ميڊيڪل ڪاليج جي خوبصورت عمارت تي، اسان جي حڪومت لاف زني نہ تي ڪري سگهي. ها، پيراڊائيز پائنٽ (Paradise Point) اها تہ قدرت ٺاهي آهي. باقي وڏيون عمارتون تہ سمينٽ جا دٻا آهن. پوءِ اها اسٽيل مل هجي يا پورٽ قاسم، فن تعمير ۾

بدذوقيءَ جي انتها آهن. ان ڪان تہ حيدرآبادي عاملن جا گهر هزار ڀيرا چڱا آهن. شڪارپوري سيٺيون بہ باذوق انسان هئا. پيار علي الانا، جڏهن سنڌ جو وزير تعليم هو تڏهن مون کي ڪاٺ جو هڪ در ڏيکاريو هئائين. جيڪو هن شڪارپور مان، ڪنهن سراءِ مان خريد ڪري، ان جي مرمت ڪرائي هئي ۽ جيڪو نهايت خوبصورت دروازو هو جنهن ۾ ڪاٺ ۾ پڳت ڪبير، گرو نانڪ، ميران ٻائي ۽ ٻين اهم شخصيتن جي تصويرن جي اُڪر ٿيل هئي. اهڙي ڪاريگري تہ مون پوري پاڪستان ۾ نہ ڏٺي آهي. شڪارپور جا ڏکڻ واقعي پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ڪراچيءَ جا رستا بہ شڪارپور جيان ڀڄي ڀُري پيا آهن. پر شڪارپور جي رستن تي ايتري واهيات ٽرئفڪ نہ آهي، جيتري ڪراچيءَ جي رستن تي آهي. فارين ايڪسچينج عيش آرام جي ڳالهين تي ضايع ڪيو وڃي ٿو. فقط ڪراچيءَ ۾ ايتريون موٽر ڪارون آهن، جيتريون پوري هندستان ۾ نہ آهن. پوني ۾ مون فقط عطر سنگتياڻيءَ وٽ وڏي فارين ڪار ڏٺي هئي، نہ تہ سڀ ائمبيسيڊر ۽ ماروتي هلائي رهيا هئا، جيڪي هندستان ۾ ٺهنديون آهن. اوير پنجاب ۾ ايتري ڪڻڪ اُپائي وئي آهي، جو پنجاب ۾ ايترا گودام نہ ٿا ملن، جتي اها محفوظ رکي سگهجي ۽ ڀارت سرڪار ان کي ڪتب آڻڻ لاءِ فيصلو ڪيو آهي تہ ڀارت جي ڪروڙين اسڪولي ٻارن کي منجهند جو ويلو مفت کارايو وڃي. اسان وٽ تہ ڪڻڪ جو اٽو وڃي اسي رپئي ڏهہ سير تي پهتو آهي. چڻن جي دال وڃي چاليهہ رپيا سير لڳي آهي. غريب ماڻهوءَ کي دال ماني بہ نصيب ناهي. غريب وڃي غريب تر ٿيندو ۽ امير وڃن امير تر ٿيندا. هوڏانهن اشتراڪي نظام جي ڇيلهہ ڀڄي پئي آهي ۽ سرمائيداري هڪ راڪاس وانگر انسان ذات کي رڙڪي رهي آهي. ڀڏندي کي ٻوڙن جو سهارو بہ نہ بچيو آهي. پر مان تہ نظير اڪبر آبادي ٿيندو ٿو وڃان! اٽو دال، ڇا ڇا جي باري ۾ لکي ويو آهيان.

اوچتو زرينا ٻڌايو تہ 'برسات' روزانيءَ ۾ آيو آهي تہ سُوڀو گيانچنداڻي ۽ تاجل بيوس ڏاڍا بيمار آهن ۽ حڪومت کي گذارش ڪئي وئي آهي تہ انهن جو علاج ڪرايو وڃي ۽ دانشورن ڏانهن بي توجهي نہ ڏيکاري وڃي! زرينا ٻيهر خبر پڙهي ڇيو: "الله جي در توبهہ زاري آهي. ڇا ڪميونسٽ سچ پچ خدا کي نہ مڃيندا آهن؟" زرينا پاڻ پنج ئي وقت نماز بہ پڙهندي آهي ۽ ٽيهہ ئي روزا بہ رکندي آهي ۽ زڪوات بہ ڏيندي آهي ۽ پنهنجي پٽ انيس

ڪي چيو اٿائين تہ هن ڪي حج نہ تہ عمرو ضرور ڪرائي.

انيس هن وقت جدي ۾ پي. آءِ. اي جو مئنيجر آهي. ڪجهہ وقت اڳ، هوءَ پاڻ بيماريءَ ڪري بہ مهينا ڪٿ تان بہ اُٿي نہ سگهندي هئي، پر دعائن ۽ خدا ۾ هن جي يقين هن کي چاق چڱو ڀلو ڪيو آهي. مون زرينا کي چيو تہ: ”سوپيو ضعيف الاعتقادي ۽ مذهب جي استحصال جي خلاف آهي.“ پوءِ مون هن کي بي. بي. سيءَ جي خاطوءَ مارڪ ٽلي (Mark Tully) جي ڪنڀ جي ميلي جي رپورتاج مان هڪ لطيفو ٻڌايو: ”ڪنڀ ۾ ٻن قسمن جا برهمڻ پروهت هوندا آهن. هڪڙا گهٽيا ۽ ٻيا پانڊا. مارڪ ٽليءَ کي ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ پنهنجي خانداني پانڊي جي هڪ ڪهاڻي ٻڌائي: ”منهنجي پيءُ جي موت کان پوءِ اهو پانڊو مون سان مليو ۽ مون کان بائيسڪل لاءِ پئسا گهريائين تہ جيئن پرلوڪ ۾ منهنجو پيءُ بائيسڪل تي وڃي. مون هن کي چيو تہ اهو منهنجي پيءُ جي شان وٽان نہ آهي، جو هو بائيسڪل تي گهمي، جو تہ هو فقط گهوڙي يا هاٿيءَ تي سواري ڪندو هو. پر اها منهنجي وڏي حماقت هئي. يڪدم پانڊي مون کان هاٿيءَ جي قيمت گهري، جڏهن مون انڪار ڪيو تہ هن وري بائيسڪل جي قيمت لاءِ ضد ڪيو ۽ چيو تہ سرير مان نڪري تنهنجي پيءُ جي آتما هلڪي ٿي پئي هوندي ۽ ان لاءِ بائيسڪل ئي ڪافي آهي.“

زرينا کلندي پڇيو: ”اهو ڪنڀ جو ميلو ڇا آهي؟“

مون زرينا کي جواب ڏنو تہ: ”جديد ڀارت نہ فقط رابندر ناٿ ٽئگور، فلسفي سروپالي، راڌا ڪرشن (جيڪو ڪنهن وقت ان جو صدر بہ هو) ۽ نهروءَ ۽ مهاتما گانڌيءَ جو ديس آهي، پر هونءَ وڏي جڪ آهي.“

”ڪُنڀ لفظ سنڌيءَ ۾ مستعمل آهي ۽ ان جي معنيٰ دلي يا سماڏي آهي. اسان جي ٻنيءَ تي جڏهن شڪاپور ۾ ڀهرين وڏي ٻوڏ آئي هئي، تڏهن ان جي سڪڻ کان پوءِ ڇيائون ٽي تہ ٻوڏ ٻنيءَ ۾ ڪنڀ هٽي وئي آهي ۽ وڏي کڏ ڪري وئي آهي. ڪُنڀ جو ميلو پرياڳ (الله آباد) ۾ گنگا ۽ جمنا جي سنگم وٽ ٿيندو آهي. سنگم اها جاءِ آهي، جتي گنگا ۽ جمنا نديون پاڻ ۾ ملنديون آهن. اتي ماڻهو پنهنجن پاپن ڌوئڻ لاءِ ٽي ٻيرا سنان ڪندا آهن. دهليءَ ۾ منهنجي بزرگ دوست تيرٿ وسنت مون کي صلاح ڏني هئي تہ مان پرياڳ ۾ گنگا ۽ جمنا جو سنگم ڏسي اچان، اتي سانجهيءَ جو لکين، اتي جا

ڏيئا ٻاريندا آهن. جي لهوارا لڙهندا ويندا آهن. انهيءَ کي سنڌيا جو سمو چئبو آهي. پر راج اجا ڪار نہ ورتي هئي ۽ مون بس تي وڃڻ نہ پئي چاهيو ڇو تہ ان وقت بہ مون کي گوڏن جي سور جي تڪليف هئي. ان ڪري مون کان اها ياترا رهجي وئي.

مارڪ ٽليءَ لکيو آهي تہ، ميلو هر ٻارنهين سال لڳندو آهي ۽ 1977ع ۾ ڪنڀ جي ميلي تي ڏهہ ملين ماڻهو آيا هئا. گنگا کي هندو پنهنجي پوتر ندي سمجهندا آهن ۽ هتان بہ پنهنجا سنک (رک) ان ۾ پرواهہ ڪرڻ لاءِ موڪليندا آهن. توکي ياد آهي تہ جڏهن اسان هندوستان هليا هئاسين ۽ مان بين الاقوامي مشاعري جي صدارت ڪري رهيو هوس تہ اتي چترو ناگپال، گنگا جي خلاف هڪ نظم پڙهيو هو جنهن ۾ چيو هئائين: ”دنيا جي هندن جي رک، ان ۾ وڌي وجي ٿي ۽ ان ۾ ٿي پيرا ڪروڙين ماڻهو سنان ڪن ٿا. پنهنجي مَرُ لاهين ٿا ۽ اهڙي گنديءَ نديءَ جو جَل ماڻهو ڪيتري نہ ويساهہ سان پيئن ٿا ۽ اسان جي سنڌوندي ڪيتري نہ پوتر آهي. (هن سنڌوءَ کي اسان جي ندي پئي چيو. جيتوڻيڪ اها ڪاري چاڙهہ ۽ ڪيٽي بندر وٽان وهي سمنڊ ۾ پوي ٿي.) اهو نظم ٻڌي هڪ جن سنگي تپي باهہ ٿي ويو ۽ غصي ۾ اُٿي بيٺو ۽ شاعر کي رڙ ڪري چيائين: ”تو جيڪي گنگا لاءِ چيو آهي، ان لاءِ معافي وٺ! گنگا ماتا آهي ۽ اَپوتر ڪڏهن بہ ٿيڻي ناهي. توکي سنڌوءَ جي باري ۾ جيڪي چوڻو هجي پلي چؤ!“ شاعر ويچارو اسٽيج تان هيٺ لهي ويو.

زرينا هاڻي ڪنڀ ۽ ڪراچيءَ مان ڪڪ تي پيا آهيون. اڄ تہ ٻيءَ ڪنهن جاءِ تان، هن جڳ کان گهڻو پري چڪر هڻي اچون ۽ پوءِ موٽي شڪارپور اچون. دائود پوٽن جي شڪارپور، ڪلهوڙن جي شڪارپور، ميرن جي شڪارپور، دُرانين جي شڪارپور، آئي وئي لاءِ شڪارگاهہ. جنهن جي پڪن رستن تي مان ايترو گهميو آهيان، جو ان جي مَرُ منهنجي پيرن ۾ پيهجي چڪي آهي.

اوچتو مان زرينا کي لنڊن ۾ ٿيمس نديءَ جي ڪناري تي وٺي ٿو وڃان. اسان پيهہ مان لنگهي، آئيس ڪريم جي ڪون ورتي. مون سان زرينا، اسان جو پٽ سليم ۽ ڏوهٽي روماسا گڏ آهي. پل وٽان موٽر لانچون ڏسي رهيا آهيون. پاڻي ڏيري ڏيري وهي رهيو آهي ۽ گندي پاڻيءَ جو پورو نيڪال نہ ٿو ٿئي ۽ اونهاري هجڻ ڪري ڪِني پاڻيءَ جي ڏپ اچي رهي آهي. مون کي

ڪنهن ٻڌايو تہ سياري ۾ ان تي پارو ڄمي ويندو آهي. شايد سليم چيو چوڃو هو ٻڌلن مان سياري ۾ ويو هو ۽ اتان ڪراچي آيو هو. ان نديءَ بہ شڪارپور وانگر ڪيئي قومون ڏٺيون آهن. ڪيلٽ (Celts) رومن، ائنگلو سئڪسن، جوٽ (Jutes)،ڊين (Danes) ۽ وائيڪنگ (Vikings). ايلزبيٿ جي دؤر ۾ ان کان پوءِ ماڻهو ان نديءَ ۾ نون ملڪن جي ڳولا ڦولها ۾ جهاز ويندا ڏسندا هئا. جن 1880ع ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪاهون ڪري، يونين جئڪ جا جهنڊا چاڙهيا هئا. 1880ع کان 1900ع تائين برٽش ايمپائر دنيا تي ڇانئجي وئي. ان تي روماسا جا پنهنجي عمر کان وڌيڪ ذهين آهي، مون کان پڇيو: "اسان بہ اڻويهين صديءَ ۾ غلام هئاسين؟"

مون هن کي جواب ڏنو: "هائو ڌيءَ ! 1874ع ۾ چارلس نيپئر سنڌ فتح ڪئي هئي. هن جو هڪ جهاز ڪونڙيءَ پرسان بيٺو آهي.[1] مان وائيس چانسلر هوس، تڏهن ان جهاز تي مون انگريزن کان آزاديءَ جي شام ملهائي هئي، جا رات جو دير تائين هلي هئي. ڪنهن پٽي صاحب کي دانهن ڏني هئي تہ : "شيخ اياز عياشيون ٿو ڪري." ان تي پٽي صاحب ڪيس جواب ڏنو هو: "جي انگريزن کان آزاديءَ جي شام عياشي آهي تہ اهڙي عياشي سيني پاڪستانين کي ڪرڻ گهرجي."

مون کي ياد آهي تہ مياڻي ٻيلي جي انچارج ڊي. ايف. او. جي دعوت تي، مان ۽ منهنجون بہ پروفيسرياڻيون، انهيءَ جاءِ تي ويا هئاسين، جتي سنڌ جي تقدير جو فيصلو ٿيو هو. اُتي فقط انگريزن جو قبرون هيون ۽ انهن تي ڪتبا بہ هئا، پر ڪنهن بہ سنڌ جي سورمي جي قبر نہ هئي.[2] پروفيسرياڻين، جن مان هڪڙيُ ان ڊي.ايف.او جي اڳ ئي واقف هئي، تنهن هن کي ٻيلي ڏيکارڻ جي فرمائش ڪئي. ڊي.ايف. او اسان کي پاپلر جا وڻ ڏيکاريا هئا، جن تي ريشم جا ڪيڙا پلجندا آهن.

سينيئر پروفيسرياڻيءَ چيو :"اُتي تنهنجا همذات رهندا آهن."

"چا مطلب."

"پٽ ڪينئان(Silk Worm)."

---

[1] ان جهاز جو نالو" فتح مبارڪ" آهي

[2] ڏُبي جي جنگ جو ميدان. ديهہ ناريجاڻي، تعلقو حيدرآباد. جتي هوشو وڙهندي شهيد ٿيو هو اتي جنگ ۾ مارجي ويل انگريزن جو يادگار ۽ اُنهن جا نالا موجود آهن، پر قبرون نہ آهن. (تاج جويو)

مون سوچيو تہ مون لاءِ زندگي پاپلر جو هڪ وڻ رهي آهي، جنهن جون ڪيئي ٽاريون آهن. ان جي ٿڙ وٽ زرينا رهي ٿي، جنهن جون پاڙون هن ڌرتيءَ ۾ ايتريون ڪتل آهن جو انهن کي ڪنهن بہ چڪ سان ڪڍي نہ ٿو سگهجي. پيلي ۾ ڪيئي سڪل پن ڌرتيءَ تي ڪريل هئا، جن تان ويندي اسان جي بوٽن جو آواز اچي رهيو هو. سُرمائي شام، جڏهن وڻن تي ڇانئجي وئي ۽ ساري فضا ڪنهن کي الوداع ڪرڻ جي ڪيفيت وانگر لڳي، تڏهن اسان موٽي ريسٽ هائوس ۾ آياسون ۽ هڪ ٻئي ڏانهن اجنبي نگاهن سان ڏسڻ لڳاسون. اسان ڪير هئاسين؟ هتي ڪيئن ڪنا ٿيا هئاسين؟ ڇا اسان جي ڄاڻ سڃاڻ عارضي هئي يا ابدي هئي؟ ڇا هن کان اڳي ڪڏهن اسان مليا هئاسين؟ يا هن زندگيءَ کانپوءِ وري ملنداسين؟ مان يڪدم سنڌ وساري، ٿيمس نديءَ ڏانهن وران ٿو جنهن تان ٻي جنگ عظيم ۾ جرمن بامبر (Bomber) اڏامندا هئا، پر هاڻ ان نديءَ تان فقط هيليڪاپٽر اڏامندا آهن، جن کي ميٽرو پوليس (گاديءَ جو هنڌ، لنڊن) تان اڏامڻ ڏنو ويندو آهي.

ٿيمس تي سج لهي رهيو هو جنهن ۾ ندي ڪنهن ازلي لوهار وانگر لوهہ پگهاري رهي هئي ۽ ڇوليون ائين لڳي رهيون هيون، جيئن لوهہ تي وڏاڻ لڳندا آهن.

اوچتو مان ڪافي دير لاءِ ٿبيءَ ۾ اچي ويس. مون کي انگريز شاعر ٽي.ايس. ايليٽ ياد اچي رهيو هو جنهن پنهنجي شهره آفاق نظم بنجرزمين (Waste Land) ۾ چيو هو:

I see crowds walking round in a ring
A crowd flowed over London Bridge,so many
I had not thought death had undone so many

مان ماڻهن جا هشام ڏسان ٿو
هڪ هجوم لنڊن برج(پل) تي روان دوان هو
مون کي تہ اهو سوچ ۾ بہ نہ آيو تہ
موت ايترن کي ماري مات ڪيو آهي.

لنڊن جهڙي شهر ۾ بہ ٽي. ايس. ايليٽ هل هلاچي وارن گندن پاڙن ۾ روڳائتي، ڇتيون لڱل رستن سان پنهنجي پيش رو اديب ڪارلائل وانگر

نفرت ٿي ڪئي ۽ جاتو ٿي تہ ماڻهن جون پاڙون انهن پٿراون، چٽيون لٽل رستن ۾ نہ هيون ۽ هن ان تي هرهر سوچيو هو تہ ڇا اُهي هن ڪچري ۾ ڦٽنديون ۽ سايہ دار وڻ ٿينديون! انهيءَ ڪري هن لنڊن کي غيرحقيقي شهر ڪوٺيو هو. جاگيرداري دؤر کي ختم ڪري سرمائيداري دؤر جي صنعتي تهذيب انساني اقدار، اعتماد، فيض ۽ لطف و عنايت کي ختم ڪري، هڪ نفسا نفسيءَ واريءَ تهذيب کي جنم ڏنو آهي، جنهن جو محرڪ جذبو دولت ۽ اقتدار جي هوس آهي. جنهن بي وفا، رياڪار ۽ دورنگا انسان پيدا ڪيا آهن، جي اندر ۾ ڇُوڇا ۽ کوکلا آهن. ساڳي نظم ۾ ٽي.ايس.اليٽ چيو آهي:

We are the hollow men
We are the stuffed men/Ieaning together
Head piece filled with straw
This is the world ends
Not with a bang but with a whimper

اسان کوکلا ماڻهو آهيون
اسان پوسي سان ڀريا ويا آهيون، هڪ ٻئي تي ٽِڪاٽ رکون ٿا
اسان جون کوپڙيون ڪڙٻ جي ڪُترِ سان ڀريل آهن،
انهيءَ طريقي دنيا ختم ٿئي ٿي،
ڌماڪي سان نہ پر ڪنجهہ ڪار سان.

مٿئين نظم جو حصو مغربي تهذيب جي لونءَ ڪانڊاريندڙ تجزيو آهي ۽ ڪراچيءَ جي لنڊن سان ڀيٽ ائين آهي، جيئن ڪنهن شاهراهہ سان سوڙهي گهٽيءَ جي هجي، جيڪا ڪنهن ڪڏ تي ڪٽي ٿي. مون کي بانگِ دار مان علامہ اقبال جو هڪ شعرياد آيو:

*تمہاری تہذیب اپنی خنجر سے آپ ہی خودکشی کرے گی،*
*جو شاخ نازک پہ آشیانہ بنے گا ناپایدار ہوگا.*

ترجمو: اوهان جي تهذيب پنهنجي خنجر سان ئي پاڻ ئي خودڪشي ڪندي، جو آکيرو ڪچيءَ ٽاريءَ تي ٺهندو جٽاءُ نہ ڪندو.

اوچتو روماسا مون کي ڌونڌاڙي چيو:"نانا، ڇاٿا سوچيو؟ رات لٿي آهي،

پريان ٿيمس ندي اونداهي ٿي وئي آهي، فقط اسٽيمرن ۽ لانچن ۾ ڪجھ بلب ٽمڪن ٿا. بهتر آهي تہ هاسٽل موٽي هلون.“

”امان،“ مون جواب ڏنو.”مان ٽي.ايس. ايلٽ سان ڳالهائي رهيو هوس، جيڪو انگلنڊ ۾ هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو. هن ٽي سنڌيءَ ۾ ڪتاب منهنجي هڪ دوست ۽ باذوق اديب بدر ابڙي ڇپايو آهي، جو توکي ڪراچيءَ هلي ڏيندس. مون هن جي موت کان پوءِ هن تي لکيل هڪ ڪتاب آمريڪا مان گهرايو هو جنهن ۾ هن تي هڪ مضمون جو عنوان هو ”ڇا هو مري ويو“ (He Dead) ڏيءَ امر انسان بہ مرندا آهن، جيتوڻيڪ هنن جو وجود صدين جي دل ۾ ڌڙڪندو رهندو آهي ۽ هو دماغن ۾ مگر مانن جيان وچندا رهندا آهن.“ جڏهن اسان موٽي رهيا هئاسين تڏهن مونکي خيال آيو تہ ايڪسري رپورٽون اڃا نہ مليون آهن، سو مون سليم کان پڇيو ”بابا، رپورٽون ڪڏهن ملنديون؟“ هن وراڻيو ”بابا! پرينهن. پوءِ فيصلو ٿي ويندو تہ اوهان لاءِ باءِ پاس ضرري آهي يا نہ؟ ڊاڪٽر زليخان وٽان اوهان جي دماغ جي ميگنيٽڪ چڪاس (Magnetic Scaning) جي رپورٽ بہ ملي ويندي.“

مون کي نهج البلاغہ مان حضرت عليءَ رضہ جو هڪ قول ياد آيو: ”اها تدبير، جا موت جي ڪارڻ ٿي سگهي ٿي، اها بہ تقدير جو حصو آهي.“ مون سوچيو: ماڻهو علاج لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃن ٿا ۽ انهن جا لاش ملڪ ۾ موٽي اچن ٿا. مون کي ٿامس مئن جي ناول، ”جادوءَ جو پهاڙ“ (Magic Mountain) مان ڪجھ جملا ياد آيا:”اسان تيرگيءَ مان اچون ٿا، تيرگيءَ ۾ موٽي وڃون ٿا، پر ان کي اسان محسوس نہ ٿا ڪريون . ابتدا ۽ انتها کي، جم ۽ موت کي داخلي وجود نہ آهي، اهي ٻئي معروضي وجود جي زمري ۾ اچي وڃن ٿا.“

اسان واقعي ٿيمس نديءَ جي ڪناري تان واپس ٿي رهيا هئاسين. ٻين لاءِ تہ انهن جو معروضي وجود آهي، پر مان هڪ خواب گر آهيان. مون کي اهو سڀ داخلي ٿو لڳي. ماضيءَ کي داخلي حقيقت کان سواءِ ٻي ڪهڙي حقيقت آهي؟ غالب چيو آهي:

”از خاک و کو بلند پریشان زکاخ و کو،
دیدم ز چشم ماه تماشاۓ این سراۓ.“

(ڪوني ۾ گهٽيءَ ڪان مٿي ۾ ڪونيءَ ۾ گهٽيءَ ڪان بيزار ٿي، مون چنڊ جي اڪين سان هن سراءِ کي ڏٺو.)

رابرٽ لوويل، آمريڪي شاعر جي نظم مان بہ ڪجهہ ياد اچي رهيو آهي:

يسوع!
مان جيڪر رات جو مران،
پر منهنجا پورا حواس برقرار هجن
جيئن چنڊ لهي ويندو آهي.

ٽئين ڏينهن جڏهن ڪراميل اسپتال ڏانهن وڃون پيا، تڏهن زرينا کي تربوزي (ڇانهين) رنگ جا ڪپڙا پهريل هئا، جن تي لاڙي پرت پريل هو. تڏهن هڪ ڪروڙڊ انگريز عورت رستي تي بيهي رهي ۽ انگريزيءَ ۾ پڇيائين: "تون ڪهڙي ديس جي آهين، جهڙو تنهنجي منهن جو خوبصورت رنگ آهي، اهڙا تنهنجا ڪپڙا ۽ انهن تي پرت ۽ تنهنجي چپن تي هلڪي سرخي آهي."

مون هن کي چيو: "اسان سنڌي آهيون."

هن پورو نہ سمجهيو ۽ چيائين: " هندي، انڊين تہ چوين نہ؟"

مون جواب ڏنس: "اسان سنڌي آهيون، ڪنهن وقت انڊين هئاسين، پر اسان جو ديس سنڌ هاڻي پاڪستان جو حصو آهي."

"اوهہ پاڪستان! اوهين پاڪي آهيو؟"

"نہ، پاڪستاني." پوءِ هوءَ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي هلي وئي.

اسان هاسٽل موٽي آياسون، ڇوتہ رپورٽون اڃا نہ آيون هيون. سليم ۽ روماسا مارڪيٽ مان موٽيا هئا ۽ صوف، انگور، چيري ۽ نارنگيءَ جي رس جا دٻا وٺيو آيا هئا. مون کي چيريءَ جو جوس ڏسي ڪجهہ ڪل آئي.

جڏهن اسان سي.ايند.ايس. ڪاليج شڪارپور ۾ پڙهندا هئاسين، تڏهن مان، منهنجو دوست نعيم صديقي ۽ غلام الله اعواڻ گڏجي، ريل جي ذريعي ڪوئيٽا ويا هياسين. هڪ ڏينهن اسان مري بروئري (Muree Brewary) گهمڻ جو ارادو ڪيو. ڪوئيٽا ۾ اسان ميلن جا ميل پنڌ گهمندا هئاسين ۽ اسان کي هڪ پٺاڻ دوست پهاڙ تي چڙهڻ بہ سيکاريو هو ۽ اسان

ڪافي اوچو چڙهي ويندا هئاسين. رستي تي اسان کي هڪ ميوي جو دڪان نظر آيو جنهن ۾ بين ميون سان گڏ تازي چيري بہ رکي هئي، جيڪا سوا رپئي سير ملي هئي. (تن ڏينهن ۾ سوا رپيو وڏي ڳالهہ هئي.) اسان سير چيري خريد ڪئي ۽ طئہ ڪيوسين تہ مري بروئري گهمي پوءِ کائينداسون. جڏهن مري برئوري پهتاسين تہ اتي پهاڙيون نظر آيون. منهنجو تہ ورزشي بدن هوندو هو ۽ نعيم بہ ڳورو نہ هو باقي غلام الله ٿلهو متارو پريل بُڪنو هو ۽ هوٽل تي مانيءَ سان دنبي جو سيرکن گوشت هڪ وقت کائي ويندو هو. سو مان ۽ نعيم ٽپ ڏيندا مري برئوريءَ جي پهاڙين تي چڙهي وياسين، جيئن اتان ڪوئيٽا جو نظارو ڏسون ۽ غلام الله وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهيو ۽ چيائين تہ: "اوهان پلي گهمي اچو مان اوهان جو انتظار ڪندس." جڏهن پهاڙين جي چوٽ تان گهمي واپس غلام الله وٽ پهتاسين تہ اسان کي ڏاڍي بک لڳي هئي، اسان غلام الله کان چيريءَ جي پڇا ڪئي، تہ هڪ آنو چيري اسان جي سامهون رکي ۽ يڪدم چيائين:"مان بہ ويٺو هوس واندو سو بک جو لڳي تہ ٿورڙي چيري کائي ويس."

نعيم تہ انگلينڊ مان ايف.آر.سي.ايس ڪئي ۽ هڪ اطالوي ڇوڪريءَ سان بہ شادي ڪئي ۽ جڏهن گذاري ويو تہ هو بحرين ۾ سول سرجن هو. غلام الله ايم.بي.بي.ايس ڪئي، سا بہ علي ڳڙهہ مان ۽ پنهنجي جاب ۾ ترقي ڪري سول سرجن ٿيو. اوچتو منهنجي مرڪ تلخيءَ ۾ تبديل ٿي وئي، جڻ تہ مان پل ۾ ڪنهن ڪوڙي ونگي ۾ چڪ وڌو هو. 1965ع ۾ مان سکر جيل ۾ هوس، منهنجي گرفتاريءَ کان پوءِ شهر ۾ هُلايو ويو هو تہ مون وائرليس تي هندستان کي پيغام پئي ڏنو ۽ اهڙو وائرليس سيٽ مون وٽان آفيس جي تهہ خاني مان لڌو ويو هو. منهنجي نظربنديءَ جا آرڊر تن مهينن لاءِ هئا، جيڪي وڌائي سگهبا هئا. ان وچ ۾ منهنجي سَسُ کي جيري جي ڪئنسر ٿي پئي. هوءَ اسان وٽ رهندي هئي ۽ زرينا ماءُ جي بيماريءَ جو پڌي، ذري گهٽ هوش حواس وڃائي ويٺي هئي. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مون کي بہ سخت مليريا ٿي پئي. غلام الله اعواڻ، جو انهن ڏينهن ۾ سکر جو سول سرجن هو جيل ۾ دوري تي آيو ۽ منهنجي مليريا جي چڪاس ڪيائين. مون هن کي پنهنجو احوال ٻڌايو ۽ چيو تہ:"مون کي پنهنجي بيماريءَ جو سرٽيفڪيٽ ڏي تہ مان گورنمينٽ کي درخواست موڪليان تہ مون کي ان

سبب ڪري آزاد ڪيو ويجي." هن رڪائيءَ سان چيو:"پنهنجي پٽ کي سول اسپتال موڪلجانءِ، تہ مان ڏسندس."

انيس جڏهن مون سان جيل تي ملاقات لاءِ آيو تہ، مون ڪيس اعواڻ سان ملي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ چيو. انيس جڏهن ٻيءَ ملاقات لاءِ آيو تہ پهريون سوال جو مون هن کان پڇيو"اعواڻ کان سرٽيفڪيٽ ورتئہ؟" هو روئي ويٺو ۽ چيائين: "بابا! مون کي هن جواب ڏنو ۽ چيائين تہ، "مان ڪنهن غدار کي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهيان."

مون کي اها ڄاڻ هئي، سکر ۾ مون کي غدار سڏيندا هئا، منهنجا ٻار اسڪول نہ ويجي سگهندا هئا، آيو ويو مهاجر پٿر هڻي، منهنجي گهر جا شيشا ڀڃي ويندو هو. جيڪڏهن بليڪ آئوٽ ۾ منهنجي زال هٿ بتي ٻاريندي هئي تہ، ان کي ڪڏهن ڊائيننگ ٽيبل جي هيٺان رکندي هئي ۽ ڪڏهن سمهڻ واري ڪمري ۾ کٽ هيٺان رکندي هئي، پر جي ٻاهران ڪنهن واٽهڙوءَ کي ڌُهو پوندو هو تہ دروازا ڀڃڻ لڳندا هئا. جڏهن انيس گهرکان ٻاهر نڪرندو هو تہ هن کي ٺڪرن هڻندا هئا. هڪ ڀيري پورنماسيءَ جي هڪ رات غصي ۾ زرينا مهاجر عورت کي چيو: "هوءَ خدا جي بتي آسمان ۾ ٻري رهي آهي، ان کي تہ وسائي ڏيکار!"

جڏهن ٻار ماني کائيندا هئا تہ پاڙيسري مٽيءَ جون منيون ڀريءِ اسان جي روشندانن مان اڇلائيندا هئا، ۽ مٽي اچي ٻارن جي مانيءَ ۾ پوندي هئي . ڪي مهاجر چڱا ماڻهو بہ هوندا هئا. هڪ ڀيري چور اسان جي گهر ٽپيا ۽ ڪڙو پٽي کوليائون. منهنجي زال جا چؤماڙ تي ڪوٺي تي سٿل هئي، ان ڪڙي کلڻ جو آواز ٻڌو ۽ ڪوٺي تان اڱڻ ۾ نهاريائين تہ هن کي ڪي ماڻهو پٽن سان نظر آيا. منهنجي زال ۽ ٻارن وٺي چور چور ڪئي تہ پاڙي جا مهاجر ڏُڪا، لٺيون ۽ بندوقون ڪٽي آيا. انهن کي ڏسي چور وٺي ڀڳا تہ ڀڄندي هڪڙي جي گوڏ ڇڙي وئي ۽ هُو شل ننگو ڀڄندو ويو. چور ٺٽي سنڌي هئا، مون کي انهن جي نالن جي خبر بہ پئي، پر مون ايف. آءِ. آر نہ لکائي. هڪ ماءُ جي بيماري ۽ ٻيو اهڙو ٻيپاڙو پاڙو انهن ملي زرينا جي ذهن تي ڏاڍو اثر ڪيو. مون انيس جي ڳالهہ ٻڌي ڏند پيڪوڙي چيو: "پٽ مان ٻاهر اچان تہ ساري ڀنيور کي ٻاهہ ڏيندس." منهنجي آزاديءَ کان پوءِ جو احوال 'ساهيوال جيل جي ڊائري' ۾ ڏنل آهي.

خير، مان موٽي اچان ٿو غلام الله اعواڻ ڏانهن، جنهن کي پٺي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ اسڪرين آئوٽ ڪيو هو ۽ مون کي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جو وائيس چانسلر ڪيو هو. هڪ ڀيري غلام الله اعواڻ مون وٽ ڄامشوري ۾ آيو تہ ڪنڌ جهڪائي مون کي چيائين: ”هيءَ منهنجي ڀيڻ ثميره زرين آهي، هن کي ڪائي نوڪري ڏي“ پهرين تہ مون کي خيال آيو تہ هن کي چوان تہ: ”توکي ڪنهن غدار کان نوڪري گهرندي شرم نہ ٿو اچي.“ پر پوءِ ثميره جي موجودگيءَ جو خيال رکي چپ ٿي ويس.

ثميره هڪ سانوري صورت واري ڇوڪري هئي، جنهن جا خدو خال پُرڪشش بہ نہ هئا. مون غلام الله کان پڇيو: ”هن ڇا پاس ڪيو آهي؟“ هٻڪندي جواب ڏنائين: ”مئٽرڪ آهي.“ مان ڀانيان ٿو تہ هن چيو: ”انڊر مئٽرڪ آهي، پر توهان تہ ڄاڻو ٿا تہ هيءَ افسانہ نويس آهي.“ ”ها، اهو چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو.“ مون جواب ڏنو. مئٽرڪ پاس کي وڌ ۾ وڌ اٺين گريڊ جي ڪلارڪي ملي سگهندي آهي، پر هيءَ مشهور اديبہ آهي ۽ سنڌري اتم چنڊائي، جڏهن مون وٽ رهيل هئي، تڏهن خاص هن سان ملڻ شڪاپور وئي هئي. مون هن کان پڇيو: ”اوهان درخواست آندي آهي؟“

هن کيسي مان درخواست ڪڍي منهنجي ميز تي رکي. مون ان تي غالباً لکيو تہ: ”هيءَ مشهور افسانہ نگار آهي. هن کي فوراً سنڌالاجيءَ ۾ سورهين گريڊ ۾ مقرر ڪجي ٿو. تصديق لاءِ ڪاغذ بورڊ اڳيان رکيا وڃن.“ غلام الله ٿئنڪ يو چئي مون کان موڪلايو. مان اڃا وائيس چانسلر هوس تہ غلام الله حيدرآباد ۾ گذاري ويو ۽ ثميره زرين کي پنهنجي ڀاءُ سان ايتري محبت هئي جو هوءَ بہ هن جي موت کان پوءِ ٻن ڏينهن ۾ گذاري وئي.

عبدالقادر جوڻيجي ٻڌايو تہ سنڌالاجيءَ ۾ هن کي ڪافي اذيت ڏني وئي هئي. مون هن کي جواب ڏنو: ”ان باري ۾ اهڙا انسان ڪائي شڪايت نہ ڪندا آهن، فقط مري ويندا آهن. تاريخ ۾ هو مجسم شڪايت ٿي جيئندا آهن.“

اسان ٽئڪسيءَ ۾ ڪرامويل هاسٽل پهتاسون، جتي ٻہ ماڻهو منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. هڪ منهنجو پراڻو دوست مگسي هو جو هيٿرو ايئرپورٽ تي پنهنجي ڪار ۾ اسان کي وٺڻ آيو هو ۽ ٻيو هو سنڌ يونيورسٽيءَ جو ليڪچرار هدايت پريم، جو اديب بہ هو ۽ جنهن جي انگلنڊ ۾ تعليم لاءِ مون سفارش ڪئي هئي. هدايت پريم کي جڏهن مون ڪائي

جوس (رس) آڇي ته. هن مون کي ڇام صادق عليءَ جي باري ۾ هڪ لطيفو ٻڌايو ته: ”مان پهريون ڀيرو جڏهن ڇام صادق عليءَ جي لنڊن واري گهر ويس، ته هن پڇيو: ”ڇا پيئندين؟“ مون جواب ڏنو: ”ڪائي جوس هجي ته بهتر.“ ان تي ڇام صادق عليءَ چيو: ”جي جوس پيئڻي هيئي ته مُنهنجي گهر ڇو آئين؟ هاڻي جي وسڪي پيين ته واهه. نہ ته گڊبائِ!“ ڇام صادق علي ان وقت جلاوطن هو.

مون هدايت پريم کي ٻڌايو ته ڇام صادق علي سنڌ جي روايتن جو دلدادو آهي. هڪ ڀيري مان قاضي عبدالقادر سان گڏجي، هن جي گهر ويو هوس، قاضي عبدالقادر سنڌ جي وزيراعليٰ جناب ممتاز علي ڀٽي جو پوليٽيڪل سيڪريٽري هو پر جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جو وزيراعليٰ ٿيو ته ٻئي پاڻ ۾ نهي نہ سگهيا ۽ عبدالقادر استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. جڏهن کان بينظير ڀٽو اختيار ۾ آئي آهي، تڏهن کان شايد هو سنڌ پبلڪ سروس جو چيئرمئن آهي. وسڪيءَ جو دؤر هلي رهيو هو. غلام نبي ميمڻ، جيڪو ون يونٽ جي دؤر ۾ وزيرِ قانون هو ۽ منهنجي ڪتابن تي بندش وڌي هئائين. اميد علي قريشي، جو رٽائرڊ ايس. اي هو ۽ علي نواز وفائي، جي اڳ ئي منهنجا دوست هئا، اتي ويٺا هئا. غلام نبي ميمڻ، ڀٽي جي دؤر ۾، ون يونٽ واري دؤر جي گورنر ملڪ امير احمد جا گڻ ڳائي رهيو هو. ملڪ صاحب هيئن هو ملڪ صاحب هوئنءَ هو. مون کي غلام نبيءَ ۽ امير احمد ٻنهي تي غصو هو ڇو ته منهنجن ڪتابن تي بندش جا ٻئي ذميوار هئا. مون غلام نبيءَ کان پڇيو: ”ملڪ امير احمد کي پٽ گولي هڻي ڇو ماريو؟“ هو وسڪيءَ جو گلاس ڇڏيت ڏئي پي ويو. ڇام جنهن کي پس منظر جي ڄاڻ هئي، مون کي ڪن ۾ چيو: ”اياز هاڻي ڇڏيس. پنهنجي هوش ۾ ناهي.“ مان خاموش ٿي ويس. غالباً ان کان ڪجهه وقت اڳ مان سخت بيمار ٿي پيو هوس ۽ جناح اسپتال ۾ داخل هوس. ان وقت جمال ابڙو سنڌ پراونشل اسيمبليءَ جو سيڪريٽري هو هن جناب ممتاز علي ڀٽي کي منهنجي بيماريءَ جي باري ۾ اطلاع ڏنو. ممتاز ڀٽو ان وقت گهٽو ڪري سنڌ جو گورنر هو يا وزيراعليٰ هو. ممتاز ڀٽي، ڇام صادق کي جناح اسپتال موڪليو هو جيڪو اچي ترتلو مچائي ويو ۽ ڊاڪٽرن کي منهنجي اهميت ڏيکاريائين. جو نہ فقط مون کي اسپيشل وارڊ ۾ رکيائون، پر منهنجو وڏيڪ خيال بہ رکڻ لڳا. مون هدايت پريم کي چيو: ” هدايت، مون کي ڇام صادق جي هڪ ڳالهه نہ ٿي وسري.

هن مون کي چيو هو تہ، هن جي پيءُ ڪانيو خان هن کي تلقين ڪئي هئي تہ جي ڪوئي اٺ سوار ڏسين تہ ميل پنڌ ڪري هن جي آجيان ڪندو ڪر ۽ اٺ جي واڳ وٺندو ڪر. عجيب متضاد طبيعت وارو انسان هو چڱو تہ ڏاڍو چڱو نہ تہ سنگ چور نانگ وانگر ڏنگيندو هو.

پوءِ هدايت اسان سان گڏجي اڏ لنڊن ڦريو ڏسڻ جهڙي رڳو هڪ جاءِ تي نہ وياسين. هو ڪارڊ تي نڪتل ڪارل مارڪس جي قبر ۽ ان جي مٿان چيپل مارڪس جو فوٽو ڪٺي آيو هو ۽ مون کي چيو هئائين: "مارڪس جي مزار تي هلنديِن، هتان تيهہ ميل پري آهي." گورباچوف جي پيرسترائڪا پڙهڻ کان پوءِ منهنجن نظرن ۾ مارڪس يا ڪميونزم جي وقعت نہ رهي آهي. مون هدايت کي چيو: "هي ڪو مارڪس علي شاهہ آهي ڇا، جو ان جي مزار تي تيهہ ميل پري هلي دعا گهرون! مان ويسٽ منسٽر ائبي ۾ شيڪسپيئر جي قبر تي هلندس." ان کان پوءِ مگسيءَ اهو چئي موڪلايو تہ "سڀاڻي مون کي آفيس ۾ حاضر رهڻو آهي." ۽ هدايت وعدو ڪري ويو تہ هو سڀاڻي ايندو.

ٻئي ڏينهن تي اسان ويسٽ منسٽر ائبي وياسون، جتي انگلنڊ جا ڪيئي بادشاهہ ۽ اهم ماڻهو پوريل آهن. پهرين تہ اسان شاعرن جي ڪنڊ ڳولي لڌي، اتي چاسر ۽ تينني سن پوريل هئا. باقي شيڪسپيئر، ملٽن، ڪيٽس ۽ ٻين بي تعداد شاعرن جا يادگار اُڀا بيٺا هئا. اهو ڏسي مون کي هڪ يوناني دانشور جو قول ياد آيو: "سڪندر اعظم پنهنجي يادگار لاءِ هڪ سونو سڪو ڇڏيو هو. سڪي جي هڪ پاسي سڪندر جي تصوير اُڪريل هئي ۽ ٻئي پاسي استغراق جي عالم ۾ هڪ فلاسفر جي ۽ ٻئي پاسا هڪٻئي سان ملي نہ ٿي سگهيا ۽ نہ ڪڏهن مليا. فلسفي ۽ حاڪم هڪ ٿين، اها ناممڪن ڳالهہ آهي. شيڪسپيئر جي باري ۾ اڪثر اهو چيو ويو آهي تہ هو پنهنجا شاهڪار تاريخ جي ٻئي ڪنهن دؤر ۾ نہ لکي سگهي ها. انگريز تهذيب جا ڪيترائي پهلو هن جي دؤر ۾ شگفتہ ٿي پيا هئا. ايلزبيٿ جي دؤر جا انگريز نهايت ڦڙت هئا، هنن پراڻا تعلقات ڇني ڇڏيا هئا ۽ نوان اُجا پيدا نہ ڪيا هئا. ايلزبيٿ جي دؤر ۾ ازمنہءِ وسطيٰ وچئين دور (Medivial Times) جي سوچ کي رد ڪيو هئائون. اڪٿ سونجهہ ۽ ڀچ ڀچ سان جديد دنيا کي ڏنو هئائون. تنهن وقت تائين اهي جنگيون ختم ٿي

چڪيون هيون، جن انگلنڊ کي يورپ جي سجاڳيءَ ۾ شموليت کان جهلي بيهاريو هو. ايلزبيٿ تخت تي هئي ۽ تعليم فقط شرفاءَ جي اولاد لاءِ نہ هئي، پر غريب غربي جا ٻار بہ پڙهي ٿي سگهيا. رئلي ۽ ڊريڪ (Raleigh and Drake) نئين نئين ملڪ جي ڳولا ڦولها ڪري، مادي ۽ ذهني حاصلات آڻي رهيا هئا ۽ دانشوري پنهنجي چوٽ تي چڙهي چڪي هئي. ان دؤر فرانسز بيڪن جهڙا دانشور پيدا ڪيا. گيو آرڊينو برونو (Gio Ordion Brono) آڪسفورڊ ۾ هيلوسينٽرڪ [1] (Helio Centric) نظرئي تي ليڪچر ڏيندو هو. جنهن ۾ هن دينيات جي پراڻي نظرئي کي رد ڏنو هو جنهن موجب انسان ئي ڪائنات جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. هاڻي بهشتِ برين ڏاڍو پري وڃي رهيو هو ۽ ڌرتي وڌيڪ حقيقي هئي. ڌرتي جنهن تي اسان جا پير ڪتل هئا. جنهن تي انگريز سرڪار کي استحصال لاءِ لاتعداد موقعا هئا. اها هئي انگريز احيا نئين جاڳرتا (Renaissance) ۽ شيڪسپيئر جي دنيا، جنهن کي هن پنهنجن ڊرامن ۾ امر ڪيو هو.

پر شيڪسپيئر جي جينيس تي فقط هن جو دؤر ڇانيل نہ هو. هر دؤر هن ۾ نوان اقدار ڏٺا آهن. هو فقط پنهنجي دور لاءِ نہ هو پر ابدي هو. مون هن جي اڳيان ڪنڌ جهڪايو جنهن جا هڏا بہ پجي پُري ويا هوندا.

ساڳيءَ طرح مون دهليءَ ۾ غالب جي سنگ مرمر جي مزار جي ڏاڪڻ تي ويهي فوٽو ڪڍايو هو ۽ ان جي عظمت جو اعتراف ڪيو هو جنهن جي قبر تہ دهليءَ ۾ رهجي وئي، پر جنهن جي شاعري ڪراچيءَ کان مالاڪنڊ تائين گونجي رهي آهي. اهو فوٽو 'نئين زندگي' رسالي ۾ مرحوم مولانا عبدالواحد سنڌيءَ ڇاپيو هو. پر هاڻي منهنجي البم ۾ ان جي ڪاپي بہ نہ رهي آهي.

پنهنجي دؤر ۾ شيڪسپيئر ڪيڏي نہ رنگا رنگ زندگي ڏٺي هئي! لنڊن اُن جو مرڪز هئي.

شيڪسپيئر سان هن جا همعصر ڪيڏو نہ ساڙ ڪندا هئا. هن جي شهرت ڏسي سڙندا هئا. اشتهار ڇپرائي هن کي گاريون ڏنيون ويون هيون ۽ هن تي غداريءَ جا الزام مڙهيا ويا هئا. پر اڪثر ماڻهو هن جي خلاف نہ هئا.

---

[1] Helio Centric Theory جديد ۽ ڪاپرنيڪس Copernecus جي نظام شمسيءَ جي باري ۾ رايا. جن موجب ڌرتي ۽ ٻيا ستارا (Planets) سج جي چوڌاري ڦرندا آهن

رڳو شاعر ۽ ڊراما نگار پنهنجي باهہ ۾ سڙندا هئا. هو شاعر، ڊراما نويس ۽ ائڪٽر هو.

مون حيرت سان سوچيو تہ زندگيءَ جو ڏک سک ڪيترو نہ عارضي آهي. مون کي هڪ رات ڏند ۾ ڏاڍو سور هو ۽ ٻئي ڏينهن مان سور جون گوريون ونئي، سکر ۾ سٽي ڪورٽ وٽ بينو هوس تہ علي احمد بروهي مليو. ڳالهيون ڪندي، مون علي احمد بروهيءَ کي چيو: "ٻڌ تہ بروهي، رات مون کي ڏند ۾ سور هو ۽ ننڊ نہ پئي آئي. هاڻي سور لهي ويو آهي، ڪهڙي ثابتي آهي تہ ڏند ۾ سور هيو يا نہ؟" هن کي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي ۽ موڪلائيندي چيائين: "تون واقعي فلاسفر آهين!"

شيڪسپيئر جي دؤر ۾ پليگ (مهامريءَ) لنڊن ۾ ڏهون حصو ماڻهو ماري ڇڏيا هئا. پر وري زندگي ساڳئي نموني روان دوان ٿي وئي هئي. ٿيئٽر کلي ويا هئا ۽ اداڪارن وري جماعتون ناهيون هيون ۽ شيڪسپيئر وري بہ ناٽڪ لکڻ لڳو هو. ماضي هڪ خوابِ پريشان وانگر ٿي لڳو جيئن مون کي پاڪستان جي آمريت وارو دؤر لڳندو آهي، جيڪو هڪ نظرياتي پليگ ۾ وچڙيل هو.

مون ڪٿي پڙهيو هو تہ شيڪسپيئر جو سيڪنڊ ارل آف اسيڪس (Second Earl of Essex) سرپرست هو ۽ هن شيڪسپيئر جي پيءُ کي ڪوٽ آف آرمس (Coat of Arms) اعزازي طور ڏياريو هو. هو راڻيءَ جو لاڏلو هو پر هن کي اقتدار جي هوس جلاد جي اڏيءَ تائين پهچايو. هن کان پوءِ شيڪسپيئر جي غم زده زندگي شروع ٿي. مئڪبيٿ جا هينيان لفظ هن جي روح جي تاريڪ ترين گوشي مان نڪتا آهن، جي مون کي پاڪستان جي هر آمر جي موت کان پوءِ ڏاڍو ياد آيا هئا.

Life is but walking shadow, a poor player,
that Struts and frets his hour upon the stage,
and Then is heard no more, it is a tale twice told by an idiot,
Full of sound and fury, signifying nothing.

ترجمو: (زندگي هڪ گهمندڙ ڦرندڙ پاڇو آهي ۽ هڪ بيڪار ڪيڏاري آهي، اهو پنهنجي مختصر عمر لاءِ سيٽجي ۽ پوسرجي رنگ منچ (اسٽيج)

تي هلي ٿو ۽ پوءِ وري پڌجڻ ۾ نہ ٿو اچي. اها (زندگي) اهڙي ڪهاڻي آهي، جا ڪنهن يوڪ بہ پيرا ٻڌائي آهي ۽ جا لڙ ۽ ڪاوڙ سان ڀريل آهي، جنهن کي ڪا معنيٰ نہ آهي.)

شيڪسپيئر کي انسان ذات تي رحم آيو هو ۽ هن اهي قوتون ڄاتيون ٿي، جن سان هڪ ماڻهوءَ، هڪ حاڪم يا احمق کي مقابلو ڪرڻو ٿي پيو. اسان سيني ۾ پنهنجي تباهيءَ جا جراثيم آهن، جيڪي وڌي وڃن ٿا، جنهن وقت بہ انهن لاءِ حالات سازگار ٿين ٿا. ان ڪري ئي شيڪسپيئر جا جيڪي الميا آهن، انهن ۾ هن جا ڪردار المناڪ انجام تي پهچن ٿا ۽ پنهنجي الميئي جي خلاف ائين ٽپا ڏئي ڦٽڪن ٿا، جيئن هڪ مڇي جار ۾ ڦاسي پوندي آهي، پر پوءِ بہ هن جي غم ۽ اندوهہ جي دؤر ۾ بہ اهڙا متوازن ڪردار ملن ٿا، جن کي دوستيءَ جو احساس ۽ موسيقيءَ لاءِ ڪن ـ رس آهي ۽ جي زندگيءَ کي نعمت سمجهي ماڻن ٿا. ڪافي وقت پوءِ هن جي بي چين من ۾ چئن آيو ۽ آنڌيءَ (The Tempest) جي تخليق ٿي، جنهن ۾ هڪ ڪردار پراسپيرو مرڪي اطمينان سان چوي ٿو:

"We are such stuff as dreams are made on and Life is rounded with sleep."

(اسان اهڙي شيءِ آهيون، جنهن تي سپنا اُڻيا وڃن ٿا ۽ زندگيءَ کي ننڊ چوڌاري ورائي ڇڏي ٿي.)

ڪيڏو نہ عظيم هيو هي انسان، جنهن غالباً ڇٽيهہ طربيہ (Comedies) ۽ الميا (Tragedies) ۽ ڪيترائي سانيٽ لکيا هئا! مان شيڪسپيئر تي لکڻ چاهيان تہ هڪ پورو ڪتاب لکي سگهان ٿو پر ان ڳالهہ تي اڪتفا ٿو ڪريان تہ هن جهڙا جينيس صدين ۾ هڪ ڀيرو پيدا ٿيندا آهن ۽ موت کان پوءِ هنن جي خوشبوءِ هر ڏسا ڦهلجي ويندي آهي. رگهوا ڳين يو. ايس ايس. آر ۾ شيڪسپيئر جون 28 ٻولين ۾ پنج ملين ڪاپيون ڇاپيون ويون هيون. سندس ملڪ ۾ هن جا ناٽڪ ٽي سؤ کان وڌيڪ ڀيرا اسٽيج تي آندا ويا هئا. مان هڪ ڏڏو ساهہ پري ويسٽ منسٽر ائبي مان نڪران ٿو ۽ هدايت پريم کان پڇان ٿو: "تو هري رام هري ڪرشنا مندر ڏٺو آهي؟"

هدايت چيو: "اهو لنڊن ۾ آهي ڇا؟"

مون کي ياد آيو ڳئين ڀيري جڏهن 1976ع ۾ برٽش ڪائونسل جي

دعوت تي مان لنڊن آيو هوس ۽ چيئرنگ ڪراس هوٽل پڪاڊلي ۾ جي سامهون رهندو هوس، تہ گيتا ۽ راج مون کي هري رام هري ڪرشنا مندر وٺي هليا هئا، جو لنڊن کان اٽڪل ويهہ ميل پري ٻهراڙيءَ ۾ هو. چوڌاري ايترو سڪون هو جو دل پئي چاهيو تہ پرسان ڪنهن ٻنيءَ ۾ ليٽي ٽڪ پيچان. مندر ۾ اندر وياسين تہ ڪجهہ انگريز مٿا ڪوڙائي برهمڻ جيان ڪارا تلها چوٽا ٻڌي ويٺا ها، جن ۾ پنيان ڳنڍ ڏنل هئي، جيئن ڪارتيج جي جنرل هني بال ۽ هن جي لشڪر کي ڏنل هوندي هئي. ٻہ ٽي انگريز عورتون بہ ويٺيون هيون. هڪ نوڙهو انگريز ميران ٻائيءَ جا ڀجن ڳائي رهيو هو:

"گهايل ڪي گيت گهايل جاني، اور نہ جاني ڪوءِ."

هونءَ تہ ميران ٻائيءَ سان منهنجو عشق آهي، جيئن منهنجو پنجابي دوست ۽ پنجابيءَ ۾ منهنجو مترجم اديب احمد سليم، امرتا شيرگل، سک مصوره سان عشق ڪندو آهي، جنهن جي موت کان ويهہ سال پوءِ هو ڄائو هو ۽ جنهن تي هن انگريزيءَ ۾ ڪتاب بہ لکيو آهي. سامهون شرڌالو انگريزياڻيون ڪرتال ۽ چيڙيون وڄائي رهيون هيون، جن جي سرتار تي ڳائڻي انگريز جو چوٽو لڏي رهيو هو. مون کي اهو ماحول ڏسي، ميران ٻائيءَ جي اهڙي پياري گيت کان ئي ڪرپ اچي وئي ۽ مون چپن ۾ جهونگاريو:

"پاگل ڪي گت پاگل خاني، اور نہ جاني ڪوءِ."

وري جو گيتا ڏنڊوت ڪيو تہ مون کي سارو ماحول اجنبي لڳو ۽ دل چاهيو تہ اتان ڀڄي وڃان. راج مون کي ٻڌايو تہ گيتا اندر ۾ ٽُٽي چڪي هئي ۽ ڪنهن ماهر نفسيات سان مشورو ڪندي هئي. اهو مندر سوامي پريبو پاد ٺهرايو هو ۽ ان لاءِ ڪنهن لارڊ هن کي ويهارو ايڪڙ زمين مفت ۾ ڏني هئي. مون کي اهو معلوم ٿيو تہ اها مشن پوري دنيا ۾ ڦهليل آهي. نہ ڄاڻان اتي منهنجو ردعمل اهو ڇو هوا هونءَ تہ مون ۾ نہ ڪوئي تعصب آهي ۽ نہ ڪنهن جي مذهبي اعتقاد لاءِ نفرت يا بغض آهي. منهنجو عقيدو تہ علامہ اقبال وارو آهي، جنهن کي هن هيٺئين شعر ۾ بيحد روانيءَ سان سمايو آهي:

"نہ تو اندر حرم گنجینہ در بتخانہ می آئی،
ولیکن سوءِ مشتاقان چہ مشتاقانہ می آئی."

ترجمو: (نہ تون حرم ۾ ماپين ٿو سگهين ۽ نہ بت خاني ۾ پر مشتاقن

ڏانهن ڪيڏي نہ مشتاقانہ انداز سان اچين ٿو.)

اڳي تہ منهنجي بہ اردوءَ جي مشهور شاعر مير تقي مير واري ڪيفيت هوندي هئي.

”مير کے دین و مذہب کو تم پوچھتے کیا ہو اس نے تو،
قشقہ کھینچا دیر میں بیٹھا کب سے ترک اسلام کیا.“

پر جڏهن کان ان ڳالهہ جو انڪشاف ٿيو تہ ڪميونزم انساني فطرت سان راڳا ڪيا آهن، تڏهن کان مان هاڻ ساڳيو ماڻهو نہ رهيو آهيان ۽ هاڻي جهڙو مذهبي نظريو منهنجو ساري عمر نہ رهيو آهي.

مون کي ياد آيو تہ ڪافي سال پوءِ، مان سکر هاءِ ڪورٽ ۾ ڪائي اپيل هلائي، اچا ٻاهر مس نڪتس تہ هڪ آمريڪن جيڪو ڪورٽ ۾ اندر ويٺو هو ۽ مون کي ٻڌي رهيو هو منهنجي پٺ تان ٻاهر نڪري آيو ۽ مون کي چيائين تہ مون کي وقت ڏيو تہ مان اوهان سان اوهان جي آفيس ۾ ملان، ڇو تہ مون کي اوهان کي ڪجهہ ڪتاب ڏيڻا آهن. مون ڪيس ڇهين وڳي جو وقت ڏنو. پوري ڇهين وڳي هو مون وٽ ڪيترائي ڪتاب کڻي آيو جن مان مون هڪڙو پڙيو پاد جو ڪتاب ورتو. هن سنڌيءَ ۾ بہ پنهنجي مشن جا ڇپيل ڪتاب ڏنا. جن مان مون هن کان پڙيو پاد جو ڪتاب ’ڀڳوت گيتا جيئن آهي‘ خريد ڪيو. جنهن جو انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڀڳتي سوسائٽي، سوامي نارائڻ مندر وارن ڇپرايو هو. جنهن ۾ هندي لفظن جي جاءِ تي عام فارسي لفظ ڏنا ويا آهن. جيڪي سنڌيءَ ۾ ضم ٿي ويا آهن. مون کي حيرت آئي تہ هن آمريڪيءَ مون کي ڪٿي اچي ڳولي لڌو آهي، هن کي ڪيئن خبر پئي تہ مان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي رهيو آهيان ۽ هن ڪيئن ڪئينس روڊ تي منهنجي آفيس ڳولي لڌي هئي. هن کي ڪيئن خبر پئي تہ سوامي نارائڻ مندر وارن ڀڳوت گيتا جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڇاپيو آهي. مون کي تہ هو ڪو سي. آءِ. اي جو ايجنٽ ٿي لڳو. اهڙو شڪ مون کي هڪ آمريڪي نوجوان ۾ بہ پيو هو جو ان وقت سنڌي ادبي بورڊ ۾ رهيل هو ۽ پٿي صاحب خلاف پي. اين. اي واري تحريڪ دوران ديوانا وار سنڌ جو گشت ڪري رهيو هو ۽ تحريڪ جي چرپر تي چوڪسي رکي هئائين. هن جو راز تڏهن فاش ٿيو جڏهن هن کي ايراني مغبچي وانگر خوبصورت ڏسي، ٻن

هم جنس پرست (Homo Sexual) سنڌي انجنيئرن دعوت ڏئي گهرايو ۽ گفتگو ڪندي سنڌيءَ ۾ هن جي باري ۾ ڪجهه اعتراض جوڳا لفظ ڳالهايائون، تڏهن هن يڪدم ردعمل ڏيکاري کين سنڌيءَ ۾ دب ڏني.

جن 'الوپ سرڪار' (Invisible Government) ڪتاب پڙهيو هوندو، تن کي معلوم هوندو تہ اهڙو تاجي پيٽو پوري هندستان ۾ ڦهليل آهي. مون هدايت پريم کي چيو: "هل ہي لنڊن ڏيکار، مان مارڪس ۽ سواميءَ کي ڏسڻ نہ ٿو چاهيان."

هو اسان کي 108 بيڪر اسٽريٽ ۽ شرلاڪ هومز هوٽل وٺي هليو. مون کي هوٽل جو نالو پسند آيو ڇو تہ ننڍي هوندي سر آرٿر ڪونن ڊائل جا شرلاڪ هومز تي ڪيئي ناول پڙهيا هئا، جي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل هئا ۽ اسان پوڪر داس ائنڊ سنز جي ڪتاب گهر تان وٺندا هئاسين، جيڪو ڍڪ بازار جي چيڙي تي هو. مان ان جي باري ۾ پوءِ لکندس، جڏهن زماني جي ڳاهي تپي، زرينا سان اتي پهچندس، جتي لاتوٽي اچا هلي پئي. اسان شرلاڪ هومز ۾ سنئڪ ڪائي (جيڪي ڪافي مهانگا هئا) بڪنگهام پئليس ڏانهن وياسون، جيڪو راڻي وڪٽوريا کان وٺي هيل تائين شاهي رهائش گاهہ رهيو آهي. اتي چاليهہ ايڪڙ باغ آهي، جتي اونهاري ۾ رايل گارڊن پارٽيون ٿينديون آهن. جتي فقط ڪنوارا ۽ ڪنواريون دل وندرائينديون آهن ۽ مهمانن کي فهمائش ڪئي ويندي آهي تہ پنهنجا پرٽيل پٽ ۽ ڊيئر نہ وٺي اچن. وڏي طمطراق سان ٻاهر محافظن (گارڊن) جو جٿو بيٺو هو جيڪو صبح جو ساڍي يارهين وڳي بدلبو هو ۽ ڪيئي ماڻهو اهو ڏسڻ ايندا آهن. انگريز هڪ روايت پرست قوم آهي. پوءِ مون هدايت کي چيو تہ ڪجهہ پارڪ بہ ڏسون. اتي ئي ٽرئفڪ جي پيهہ ۽ گوڙ شور ختم ٿئي ٿو ۽ هڪ کليل نيري آسمان جو سائبان نظر ٿو اچي. چوندا آهن تہ لنڊن جا پارڪ اتان جا ڦڦڙ آهن، جي اها آڪسيجن ڪٽن ٿا، جا وڻ پيدا ڪن ٿا. پهرين تہ پاڪ هند ۾ مغل باغات وانگر اهي شهنشاهيت جي ميراث هئا. مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ اورنگزيب جي ڀيڻ روشن آرا بيگم جي باغ ۾ هن جا بہ آشنا ٽپي آيا هئا، تہ انهن کي پڪڙي، قلعي جي ديوار تان هيٺ اڇلائي، سندن هڏ گڏ ڀڳا ويا هئا ۽ عاقل خان، اورنگزيب جي ڌيءَ ۽ فارسيءَ جي شاعره زيب النساءَ مخفيءَ کي چيو هو:

"سرخ پوشی بہ لبِ بام می آید."

(ڳاڙهن ڪپڙن واري ڪنهڙي تي نظر ٿي اچيم.)

ان تي زيب النساءَ جواب ڏنو هوس:

"نہ بہ زاری نہ بہ زور ونہ بہ زری آید."

(نہ زاريءَ سان نہ زور سان ۽ نہ زر سان اچي ٿي.)

اهو ۾ ڏي عاقل خان، مخفيءَ جي باغ ۾ ٽپيو هو تہ اورنگزيب کيس هڪ ديڳ ۾ پورائي باهہ ڏني هئي، جتي هو سڙي رک ٿي ويو هو. پر جمهوريت جي اچڻ کان پوءِ شالامار باغ وانگر لنڊن جا پارڪ بہ عوام لاءِ کوليا ويا آهن ۽ هاڻي عوام جي ملڪيت آهن.

پوءِ هدايت پريم اسان کي سينٽ جيمس رايل بوٽنيڪل گارڊن ڏيکارڻ وٺي هليو جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ ان ۾ ساري دنيا جي ٻوٽن جا قسم ڪنا ڪيا ويا آهن. اهو 1759ع ۾ سلطنت لاءِ مهم هلائيندڙن ٺاهيو هو جن جٿان ڪٿان اهي ٻوٽا ڪنا ڪيا هئا. اتان رايل فرنٽ گارڊن ۾ وياسون، جنهن ۾ هڪ خوبصورت ور وڪڙ ڍنڍ هئي، جنهن ۾ هنس پيا ترن. اُن ۾ لنچ ٽائيم ڪنسرٽ (Lunch Time Concert) وقت منجهند جي وقت موسيقيءَ جو پروگرام هوندو هو پر 1882ع ۾ آئرش ريپبلڪن آرميءَ جي جوانن، ان ۾ بم لڪائي رکيو هو ۽ ان کي ان وقت تباهہ ڪيو هو جنهن وقت راڻيءَ جو رسالو وڄي رهيو هو. رسالي مان چار ماڻهو مري ويا ها ۽ ست ڦٽجي پيا ها. هاڻي ان ساڳئي آئرش ريپبلڪن آرميءَ بہ سؤ سال جڪ ماري انگريز حڪومت سان ٺاهہ ڪيو آهي. ان موضوع تي گوروڊال (Gorevidal) جو مشهور ناول ٽرنٽي (Trinity) اچايو ويو جنهن منهنجي راتين جي ننڊ ڦٽائي هئي. ان سان گڏ انهن شاعرن جي شاعري بہ وئي، جن آئرش آزاديءَ جي جدوجهد کي شاعريءَ ذريعي اُتساهيو هو. ساڳئي وقت فلسطين جي باغي شاعري، جنهن جي ڪاپي نرنجن نالي منهنجي هڪ مداح ڊين مارڪ مان مون کي موڪلي هئي، بي معنيٰ ٿي وئي، جڏهن ياسر عرفات يهودين سان ٺاهہ ڪيو. آخر پٺاڻيءَ ڪهڙي جدوجهد ڪئي هئي؟ هو تہ پٽ تي وينو هوندو هو ۽ دنبورو هلائيندو هو پنهنجا ٻار ٻچا بہ نہ پالي سگهندو هو ۽ جنهن وقت ڪوئي فقير هن جي ڳورهاري زال لاءِ پلو وٺڻ لاءِ ڊوڙندو ٿي ويو ۽ پٺاڻيءَ هن کي ڊوڙندو ڏسي سبب پڇيو تہ خبر پيس تہ سندس گهر واريءَ کي

پلي جي ڪاڻ جي سڏ تي آهي، ان ڪري فقير پلو وٺڻ لاءِ ڊوڙندو پئي ويو تنهن وقت هن چيو: "اهو ٻار ئي گهوريو جيڪو جمڻ کان اڳ ئي منهنجي فقيرن کي تو ڊورائي، وڏو ٿيو تہ پوءِ ڇا ڪندو؟" چون ٿا تہ بيبي سڳوريءَ جي پيٽ ۾ ئي ٻار سُڪي ويو ۽ کين وري ڪابہ اولاد نہ ٿي.

اڄڪلهہ اها ڳالهہ ورجائي ٿي وڃي تہ شاعر، اديب ۽ دانشور جي ڇا سان وابستگي آهي. پر نہ ڄاڻان ڇا جي لاءِ ان جو ڪوئي جواب نہ ٿو ڏئي.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي لائين تہ ان افلاطوني بڪواس جو ورجاءُ هئي، جنهن شاعريءَ کي رد ان ڪري ڪيو هو ڇو تہ سڪارٿي ڳالهہ رڳو سياسي نظام جي آهي. سياسي ماڻهو شاعرن کي ڇو ٿا ميار ڏين، جڏهن سماج ڪوئي غلط رخ وٺي ٿو؟

هٽلزم ۽ اسٽالنزم جي دؤر ۾ سماج جڏهن اهڙو رخ ورتو تہ اهو دؤر پنهنجي دؤر جي ناڪاميءَ جو نتيجو بڻيو ڇاڪاڻ تہ اهو دؤر سماجي ۽ سياسي جمهوريت جا آدرش بچائي نہ سگهيو ۽ اها ناڪامي انهن طبقن جي هئي، جي ان دؤر جي سياست تي اثر وجهن پيا.

اهي اديب ۽ شاعر هئا، جي زبان جي پاڪيزگيءَ جي تحفظ جا سيني کان وڌيڪ اهل هئا، يورپ ۾ اڻويهينءَ صديءَ جي پهرين حصي ۾ پنهنجي دنيا ۾ گوشہ نشين ٿي ويا ۽ هنن مان ڪي وهم ۽ وسوسن ۾ ونجي ويا ۽ هنن کي پنهنجي ماحول تي پنهنجي شاعريءَ جي برتريءَ جو احساس ٿيو ۽ ان کي مقصد بالذات سمجهيائون ۽ ماضيءَ جي پرستش ڪرڻ لڳا. بودليئر جهڙن شاعرن سياست کان نفرت ڪئي. ان ڳالهہ گذريل دؤر تي برو اثر وڌو. اهو سماج بي پرواهہ ٿي ويو تان جو مطلق العنانيت ڇانئجي وئي. اهو دليل اثرائتو آهي ۽ ان کي رد بالڪل نہ ٿو ڪري سگهجي تہ سياست جي قباحت ڏانهن شاعريءَ جو ردعمل ايڏو بہ نہ ٿيڻ کپي. دراصل يورپ ۾ ماڻهو اخلاقي ۽ سياسي طرح بي حس ٿي چڪا هئا، پر ان ڳالهہ جا بہ ٻہ پهلو آهن. ڇا شاعريءَ ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ هئي، جو مختلف سماجن ۾ عام ذميداريءَ جو بار شاعرن تي وڌو وڃي، جي خوابن جا رهواسي آهن؟ ٻيو تہ شاعرن کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو دانشور طبقو نہ آهي. مثال طور سائنسدان، فلسفي ۽ سياسي مدبر، جن جو بہ احتساب ڪيو وڃي؟ جي اسان ان پهلوءَ تي غور ڪنداسين تہ سائنسدانن ۽ سياستدانن ويهينءَ صديءَ جي وچ کان وٺي اڄ تائين فرض

ڪيو هو تہ هنن جي ڪا ذميواري ناهي، آئن اسٽائن نيو ڪليئر بم جي تجربي کان گهڻو اڳ اسان کي اطلاع ڏنو هو تہ اسان کي ايتري توانائي آهي، جو اسان پاڻ کي تباهہ ڪري سگهون ٿا. انهيءَ ڳالهہ جو انهن حالتن ڏانهن اشارو ٿي سگهي ٿو جنهن وڏي تباهي (Holocaust) ممڪن بڻائي. اهڙيءَ تباهيءَ کان پوءِ ڪجهہ الزام تہ آئن اسٽائن تي بہ اچي وڃن ها. ڇا خدا آئن اسٽائن کان سندس ڪئي جو حساب نہ وٺندو؟ هن جي سائنسي تحقيق جو نتيجو هيرو شيما ۽ ناگا ساڪيءَ جي تباهي نڪتي، پر ممڪن آهي تہ اهو پراڻو سوال تہ ڪيترو علم انهن انسانن جي هٿ ۾ هجي، جن جي اخلاقي ۽ روحاني تعليم مڪمل نہ هجي، ايترو اثرائتو نہ آهي، پر ان طبقي جي باري ۾ تہ بلڪل صحيح آهي، جيڪو سماج جو تربيت يافتہ طبقو آهي، جنهن جو نالو ملٽري۔آهي. حيرت آهي تہ هارورڊ يونيورسٽيءَ جي پريذيڊنٽ ان وقت تاڙيون وڄايون هيون، جڏهن آمريڪا ۾ لاس الماس (Los Almas) جي بيابانن ۾ پهريون پيرو ائٽمي تجربو ڪيو ويو هو ۽ ان ڦاٽ ڪاڏو هو. اتي ٻيا بہ ذميدار ماڻهو بيٺا هئا ۽ جڏهن هڪ پل ۾ ائٽم بم ڦاٽ ڪاڏو هو تہ ٽئي گدگد ٿيا هئا ۽ هڪ ٻئي سان جوش سان هٿ ملايا هئائون. اهو رِدعمل صحيح هو يانہ اُن تي مختلف رايا ٿي سگهن ٿا. پر ان لاءِ ذميوار ريناسنس (Renaissances) دوُرجي لامحدود کوجنا لاءِ آزاد هئي، پوءِ ان ۾ جديد دنيا لاءِ چڱائي هئي يا برائي هئي.

اها آزادي اسان جي پوئينءَ اڌ صديءَ پيدا ڪئي آهي، جا مادي حاصلات لاءِ لامحدود کوجنا ڪري ٿي، پر ان جا خطرا واضح آهن ۽ قيامت بعيد از قياس نظر نہ ٿي اچي. البرٽ آئن اسٽائن کان ڪنهن پڇيو: ”توکي ٽين جنگ عظيم جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻو آهي؟“

آئن اسٽائن جواب ڏنو: ”مون کي افسوس آهي تہ مان ٽين عظيم جنگ جي باري ۾ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهان، پر جي چوٿينءَ جنگ عظيم جي باري ۾ جاڻڻ چاهين تہ مان ڪجهہ چئي سگهان ٿو.“

جنهن ماڻهوءَ هن کان سوال پڇيو هو انهيءَ کي اعتبار نہ ٿي آيو تہ جنهن کي ٽين جنگ عظيم جي باري ۾ ڪجهہ نہ ٿو اچي، اهو چوٿينءَ جنگ عظيم جي باري ۾ ڇا چوندو! هن بي اعتباريءَ سان کيس چيو: ”چڱو مون کي چوٿينءَ جنگ عظيم جي باري ۾ ٻڌايو!“

البرٽ آئن اسٽائن هن ڪي چيو: ”چوٿين جنگ عظيم بلڪل نہ لڳندي، بس ايترو ئي چوٿين جنگِ عظيم لاءِ چئي ٿو سگهجي. جيستائين ٽين جنگِ عظيم جو سوال آهي، ڪجھہ بہ چئي نہ ٿو سگهجي.“

هن جو مطلب هو تہ جي ٽين جنگِ عظيم لڳي تہ ڪجھہ بچندو ئي ڪونہ. تہ پوءِ چوٿين جنگ عظيم ڇاتي لڳندي.

ڇا آدم ذات جي انهيءَ خاتمي جو علم اڳوات سمجهدار طبقي کي ملي نہ ٿي سگهيو؟ اسان تہ هڪڙي ننڍڙي ديس جا رهواسي آهيون، جن جي قول ۽ فعل کي ڪائي اهميت نہ آهي. پر ناگاساڪيءَ جي تباهيءَ کان پوءِ مون لکيو هو:

”ناگـــاســـاڪــي ڪــافي ناهي
سڀ ڪجھہ ناس ڪندو نادان!“

۽ هيرو شيما تي پورو نظم لکيو هوم، جنهن جو پويون بند هي هو:

”هي ڪـــير ڪـرڙو آ ڪنيءَ تي
هي تون آهين هي مان آهيان
جن امـــن نہ آنـــدو ڌرتيءَ تي!“

پر اسان جو تہ ڪنهن بين الاقوامي ٻوليءَ ۾ ترجمو نہ ٿيو آهي، اسان کي ڪير ٿو اهميت ٿو ڏئي؟ هيءَ ذميداري جيڪڏهن ڪنهن حد تائين پئي ٿي تہ يورپ ۽ آمريڪا جي شاعرن تي پوي ٿي.

پوءِ بہ اسان برصغير جي حال ۽ مستقبل لاءِ چيو آهي، اسان پنهنجي ذميداري نڀائي چڪا آهيون. باقي ذميداري سائنسدانن، ملٽريءَ جي شخصيتن، فلسفين ۽ اهل اقتدار تي آهي، جي اهي صاحبِ ڪردار آهن تہ سماج تي اثر انداز ٿيندا. نہ تہ مورڳو حسن جي تخليق جا هن افراتفري ۽ پريشان حاليءَ واري دؤر کي سڪون قلب پهچائي رهي آهي، شاعر ان کان بہ وانجهي ٿي ويندا ۽ جي هڪ رومانوي انداز ۾ سڌاري جو بار پاڻ تي کڻندا، تہ نہ هِن دنيا جا رهندا، نہ هُن دنيا جا.

انگلينڊ ۾ قول ۽ عمل جدا جدا هئن ۾ هئا، پر ارڙهين صديءَ جي فرانس جا اديب عملي سياست سان رابطي ۾ نہ رهيا هئا. اهي نجا سياسي

نظريا مبهم Generlizations (خاص کي عام چوڻ) چئي پيش ڪندا رهيا. پر انهن کي پاڻ ۾ خود اعتمادي ڏاڍي هئي ۽ هنن اهو سمجهيو تہ سندن تعلق پسندي، هڪ پيچيده سماج ۾ اوچتو شديد ڦيرو آڻي سگهندي، انقلاب لاءِ ائين جواز پيدا ڪيو ويو. عوام کي اهو آدرش ۽ سماج جي مستقبل جو تخيل ڪافي آئڙيو ۽ جنهن جا نتيجا اگرا نڪتا. ڪجهہ وقت پوءِ هڪ فرينچ قلم ڪار لکيو:

”شهنشاهيت عوامي حڪومت ۾ نہ بدلي، پر اهل قلم شهنشاهہ ٿي پيا.“ اهل قلم مان خاص طبقو جنهن کي بوهيمين (Bohimian) چوندا هئا، انهن جو ملاقاتي ڪمرو ڪافي هائوس هوندو هو جيئن اسان جي وقت ۾ لاهور ۾ هو. جڏهن ميان افتخارالدين جون ”امروز“ ۽ ”پاڪستان ٽائيمز“ اخبارون نڪرنديون هيون ۽ فيض احمد فيض انهن جو ايڊيٽر هو پر اها گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي.

فرانس جي انقلاب وقت اهي بوهيمين پاڻ کي مسيحا ۽ پيغمبر سمجهندا هئا. هو پنهنجي زندگيءَ کي تہ ڪائي ترتيب ڏئي نہ سگهيا هئا، پر اهو سمجهيائون ٿي تہ هو تاريخ جي پوري افراتفري ختم ڪري سگهندا. هو مسيحي دينيات کان ڌرتيءَ تي حڪومت الاهي Kingdom of God on Earth جو نظريو کسي ويا ۽ ان ۾ اضافو ڪيائون تہ حڪومت الاهي تاريخ جي ڪنهن خاص ميعاد ۾ ايندي، انقلاب کان پوءِ وارا دانشور، انقلاب کان اڳ وارن دانشورن سان متفق نہ رهيا، چوتہ سائنس ترقي ڪئي ۽ عقل جي پرستش (Deification) ڪئي وئي. انهيءَ سائنس ۽ مذهب جي اتحاد جي ذريعي دانشور، سائنسدان ۽ پادري پنهنجا ڪردار ادا ڪرڻ لڳا.

انگريزي ادب ۾ عملي سياست ۾ حصو وٺڻ جي باري ۾ نظريہ سازن ۽ عملي سياستدانن ۾ ڪجهہ وٿي هئي. آمريڪا ۾ جڏهن اها ڪالوني هئي ۽ ان جي آزاديءَ کان پوءِ ساڳي ڳالهہ ٿي تہ محب الوطن دانشور آئيني اجتماع ۾ شريڪ ٿيا. وچولي طبقي جي اڀرڻ سان، ذهنيت بدلجڻ لڳي. آرٽ کي عبادت سمجهيو ويو ۽ آرٽسٽ پنهنجي ذوق ۽ يقين سان رهنمائي ڪئي. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ اهو فرض ڪيو ويو تہ عوام آرٽسٽ جي عبادت ۾ مخل ٿي رهيا هئا، ان ڪري آرٽسٽ عوام کان متنفر ٿي پيا.

مارڪس وادين جو تجزيو اهو هو تہ 1848ع کان پوءِ بورجوازي ۽ دانشور

۾ وڏو نفاق اچي ويو.

فرينچ انقلاب وانگر روسي انقلاب ۾ بہ دانشورن جو وڏو هٿ هو. قوم پرستيءَ ۾ آزاديءَ ۽ سوشلزم جا تصور روس ۾ اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري دانشورن جي ذريعي پهتا. روس ٺهيل ٺڪيل نظريا يورپ مان ورتا، جي يورپ جي حقيقت سان مطابق تہ هيا، پر روس جي حقيقت سان انهن جو ڪوبہ واسطو نہ هو. دانشور ۽ مصلح طبقي ۾ انقلابي بہ هئا، جن مان ڪن کي مغرب سان نفرت هئي، ڪن کي محبت هئي. ڪي مصلح ۽ تعمير پسند هيا ۽ انقلابين واري ٽرٽلي سان هنن دنيا بدلائڻ نہ ٿي چاهي. هنن وٽ انقلاب جا خيال پرست نظريا (Utopia) هئا. يورپ جي انهيءَ نظرياتي پس منظر مان علحدگي پسنديءَ، يورپ ۾ پرتشدد انقلاب لاءِ فضا هموار ڪئي، جا ان کان اڳ يورپ جي متحرڪ مسيحائي انقلاب پسنديءَ کان مختلف هئي. دانشور طبقي جي بورجوا قانون جي نظرئي لاءِ شديد نفرت مارڪس لاءِ سازگار فضا پيدا ڪئي. دانشورن جن جو سياسي ۽ سماجي تنظيم سان واسطو نہ هو نہ ئي ڪين حڪومت هلائڻ جو تجربو هو ۽ جي ساڳئي وقت انتها پسند بہ هئا، پنهنجي خيالي دنيا ۾ رهندا هئا. ظاهر آهي، انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ نظريہ سازن ۽ حڪمرانن ۾ ڪافي ويڇو هو ۽ ان ڪري ئي فرانس ۽ روس جا دانشور رڳو نظرياتي ٿيورين ۾ اڙجي ويا. ائين بہ آهي تہ روسي دانشور بالشويڪ انقلاب جا باني هيا، پر انهن ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو تہ زار شاهيءَ جي خاتمي کان پوءِ ڇا ٿيندو! اهي روسي عوام جي فطرت نہ سمجهي سگهيا هئا. ڪين عوام تي حڪومت ڪرڻ جو فن نہ ٿي آيو ۽ اهي خوابن جي دنيا جا رهواسي ها. انهن جا خواب ڪجهہ اسٽالن جي دؤر ۾ تہ ڪجهہ اسٽالن جي موت کان پوءِ ٽٽا. جڏهن ڪروشچوف هن جي ظلم ۽ تشدد جي باري ۾ انڪشاف ڪيا ۽ سولزي نٽسن ان تي نهايت بي جگريءَ سان لکيو تان جو يو. ايس. ايس. آر جي سربراهہ مملڪت گورباچوف، ”پيرسترونڪا“ ڪتاب لکي ساري ڍونگ کي وائکو ڪري ڇڏيو. پر پاڪستان جا دانشور اڃا ساڳئي خواب ۾ رهي رهيا آهن، جنهن ۾ فرينچ ۽ روسي انقلابي هوندا هئا ۽ جنهن حقيقت جو پاڪستان ۽ برصغير جي حقيقت سان ڪوئي واسطو ناهي. معاشي انصاف ضروري آهي، پر اهو ڪيئن اچي، ان جو ڪنهن بہ قطعي جواب نہ ڏنو آهي. سرمائيداري ۽

نجڪاري بہ وڏو فراڊ آهي ۽ پوري دنيا ۾ استحصال جو ذريعو آهي. بهتر آهي تہ شاعر پنهنجي دنيا ۾ موٽي وڃي ۽ پنهنجي شاعريءَ کي وقت جي خردبرد کان محفوظ رکي. آرٽ فقط زندگيءَ ۾ معاشي ڦيري لاءِ نہ آهي. زندگي نهايت وسيع آهي، انهيءَ جو هر پهلو آرٽ جو موضوع ٿي سگهي ٿو.

ان کان پوءِ هدايت پريم اسان کي ٽاور آف لنڊن ڏيکارڻ وٺي هليو. اهو ٽاور پري کان ڦڙڪي جو ٿي لڳو پر ويجهو وڃڻ سان نهايت پختو ۽ مضبوط ٿي لڳو. هتي روزانو سياح ايندا آهن.

مون کي سفر جو پورو سلسلو ياد نہ ٿو اچي. شايد هدايت پريم اسان کي ٽرئفلگر اسڪوائر وٺي هليو هو. هي تمام وڏو اسڪوائر آهي، جو نيلسن جي بحري فتح جي يادگار طور ٺهرايو ويو آهي. اهو اسڪوائر تڏهن ٺهيو جڏهن لنڊن پنهنجي حڪومت جي اوج تي هو. اتان ئي لنڊن جا سڀ رستا ڦٽن ٿا. اتي ڪيئي ماڻهو ڪنا ٽين ٿا ۽ هزارين ڪبوترن کي چوڳو وجهن ٿا. ڪبوترن کي نيلسن جي مجسمي لاءِ ڪائي عزت نظر نہ ٿي آئي. لنڊن اجا تہ صاف سٿرو شهر آهي. چين ۾ جهرڪين جڏهن بيجنگ جي ديوارن کي خراب ٿي ڪيو تہ مائوزي تنگ ثقافتي انقلاب جي دوران سرخ فوج کي حڪم ڏنو هو تہ بيجنگ ۾ هڪ جهرڪي بہ زندهہ نہ ڇڏي وڃي ۽ سڀ ماريون وڃن. هي ماڻهو ها يا دئيت ها! تاريخ انهن لاءِ اجا پوري فتويٰ نہ ڏني آهي. رڳو مائوزي تنگ جي هجر اسود جو مجسمو جيڪو ڪيئي ٽن ڳؤرو هو رڪ جي رسين سان ٻڌي، ڪنهن ريت ڌرتيءَ تي ليٽائي، گدام ۾ پوريو اٿن. لنڊن جي اها حالت نہ ٿيڻي آهي، جيئن اڳين سيرگاهن جي ٿي هئي، جن کي ڏسي هڪ فارسي شاعر چيو هو:

"پرده داری می کند بر قصر قیصر عنکبوت،
چغد نوبت می زنده برگنبذ افراسیاب."

(قيصر جي ڪوٽ تي ڪوريئڙو پردي داري ڪري رهيو آهي.
ڇبرو افراسياب جي گنبذ تي نقارو وڄائي رهيو آهي.)

مان پانيان ٿو تہ ٻئي ڏينهن تي اسان آرٽ گئلريءَ ۾ ايل گريڪو روبنس، ريمبران ۽ ٻين مصورن جون تصويرون ڏٺيون. مون کي اتي اجنتا ٿي ياد آئي، جا مون مائيڪل اينجلو کي ڏيکاري هئي، پر ان ڳالهہ تي مان پوءِ ٿو

اڃان تہ مائيڪل اينجلو جو مون کان پنج سؤ سال اڳي ڄائو هو اهو منهنجو همسفر ڪيئن ٿيو هيو.

شام جو قادر بخش نظاماڻي آيو ۽ ٻئي ڏينهن تي هن جو ڀائيٽو خيرمحمد نظاماڻي برائيٽن وٺي هليو جنهن جو احوال مون پنهنجي ڪتاب ’اير چنڊ پس پرين‘ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، جيڪو دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين بجي هڪ پنجابي ڊاڪٽر باري نالي ۽ هن جي زال (نالو وسري ويو آهي، جا پوٺوهار جي پنجابڻ هئي ۽ انهيءَ لهجي ۾ ڳالهائي رهي هئي.) اسان وٽ آيا. جي رسول بخش پليجي جا مداح هئا. ٻئي اڌيڙ عمر جا ٿي چڪا هئا، پر هن جي زال ۾ اڃا جوت هئي، جيتري اڌ سڙيل ميڻ بتي ۾ هوندي آهي. هنن مون کي ٻڌايو تہ انگلنڊ ۾ رسول بخش پليجي جا پوئلڳ ها، جي اڪثر پنجابي ها. آمريڪا ۾ بہ تقريباً ساڳي حالت هئي. ڪجهہ وقت پوءِ ڊاڪٽر هاليپوٽو آيو جو سنڌ انٽرنيشنل سنڌي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ آهي ۽ هن وقت پاڪستان جي ڪنهن جيل ۾ هو ۽ هاڻ آزاد ٿي ويو آهي. الطاف گوهر سان منهنجي پراڻي واقفيت هئي، جو ان وقت بي. سي. سي. آءِ ۾ ملازم هو جنهن جي سرپرست مرحوم حسن عابدي منهنجي ڪجهہ مدد ڪئي هئي، جنهن لاءِ مان هن جو شڪر گذار آهيان. هن اردوءَ جي شاعر افتخار عارف کي مون ڏانهن موڪليو جنهن مون کي الطاف گوهر جا سلام ڏنا ۽ منهنجي خير عافيت پڇي. تازو حوري نورانيءَ جي دعوت تي هو مون سان مليو هو ۽ ٻڌايو هئائين تہ جميل جالبيءَ جي جاءِ تي هن کي مقتدره قومي زبان (National Language Authority) جو چيئرمئن مقرر ڪيو هئائون. هن منهنجي ڪتاب ”ڪٿي نہ پڄبو تڪ مسافر“ ۾ دلچسپي ڏيکاريندي چيو تہ ”ان جي اردوءَ ۾ ترجمي جو ڪم مان فهميده رياض يا آفاق صديقيءَ کي سپرد ٿو ڪريان.“ حوريءَ جي دعوت تي اردو افسانہ نويس هاجره مسرور ۽ هن جي مڙس احمد علي خان سان بہ منهنجي ملاقات ٿي، جيڪو روزاني ڊان جو ايڊيٽر آهي ۽ سارو وقت منهنجي پرسان وٺو رهيو ۽ قومي ۽ بين الاقوامي حالات تي مون سان خيالن جي ڏي وٺ پئي ڪيائين. مان حالات جي نزاڪت کي مدِنظر رکي، ان تي تبصرو نہ ٿو ڪريان، اُتي منهنجي شاعريءَ جي اردوءَ ۾ مترجم فهميده رياض ۽ ٻين ڪيترن ئي اردوءَ جي اديبن سان ملاقات ٿي، جيڪي

نهايت محبت ۽ جوش سان مليا. انهن مان ڪي اڳيان ترقي پسند بہ هئا. احمد علي خان سان گفتگوءَ ڪان پوءِ مون سان فهميده رياض ملي، جڏهن مان وڃي رهيو هوس ۽ چيائين تہ تنهنجا سنڌي شاعريءَ جا پويان ڪتاب تہ بي مثال آهن. هوءَ سنڌي چڱيءَ طرح ڄاڻي ۽ اڳي منهنجي منتخب ڪلام جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪري، سنڌالاجيءَ مان ڇپايو هيائين، جنهن جي اردو دنيا ۾ اهميت انهيءَ ڪري نہ ٿي، جو فهميده رياض ۽ هن جو سنڌي مڙس ظفر اجڻ، پٽي ڪي ڦاسيءَ ڪان پوءِ هندستان جلاوطن هيا ۽ اتي ست سال رهيا ها. جتي فهميده رياض انگريزيءَ ۾ پاڪستاني ادب تي ڪتاب لکيو هو. جنهن ۾ پاڪستاني اديبن ۾ فقط مون تي خاص باب لکيو هئائين. منهنجي فهميده رياض سان پهرين ملاقات سبطِ حسن جي گهر تي سعيده گذدر جي موجودگيءَ ۾ ٿي هئي، جتي هن بلوچي بغاوت تي اردوءَ ۾ هڪ نظم ٻڌايو هو. هوءَ ان وقت ظفر اجڻ جي زال نہ رهي هئي ۽ غالباً لنڊن مان موٽي آئي هئي. ٻئي ڀيري جڏهن هن جي ظفر اجڻ سان شادي ٿي چڪي هئي، تڏهن مون هن کان پڇيو: ”تو ظفر سان شادي ڪيئن ڪئي؟“ هن مختصر جواب ڏنو: ”مان ۽ ظفر ساڳيءَ آفيس ۾ ڪم ڪندا هياسين، هڪ ڏينهن ظفر اوچتو منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي پڇيو: ”مون سان شادي ڪندينءَ؟“ مون بہ چيو: ”ها. پوءِ اسان ٻنهي جي شادي ٿي وئي.“

هن جو انگريزيءَ ۾ ڪتاب مون ڪي انور فگار هڪڙو سکر ۾ ڏئي ويو هو جو شڪارپور جو عاشق ۽ منهنجي استاد ڪيئل داس فانيءَ جو وڏو مداح آهي ۽ جنهن هن جي ڪلام ڪي ترتيب ڏنو آهي ۽ اهو سنڌي ادبي بورڊ کي ڇپائيءَ لاءِ حوالي ڪيو اٿائين. هن ئي منهنجي ڄم جي اصل تاريخ ۽ ’سدُرشن‘ رسالي مان منهنجي پهرين شعر جي فوٽو ڪاپي مون ڪي موڪلي هئي ۽ اهو نظم هاڻي شڪارپور هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ڇپايل ڪتاب ’شڪارپور صدين ڪان‘ ۾ ڪنهن مضمون ۾ ڇپيو آهي.

هاڻي ڪراموبل هاسپيٽل ڪي ڇڏي گهڻي دير ٿي وئي آهي. بقول نصير مرزا زندگيءَ ڪي ريوائنڊ (Rewind) ڪريان ٿو ۽ ڪراموبل هاسپيٽل ۾ موٽي ٿو وڃان. پر جيستائين زندگي روائينڊ ٿي، ڪوئي صاحب بنا اڳ ٽئہ ڪيل وقت جي اچي نڪري ٿو ۽ مان زندگيءَ جو وڊيو ڪئسٽ ميز تي رکي ٿو ڇڏيان.

مون کي هڪ واقعو ياد آيو تہ مان هڪ ڏچ آرٽسٽ وٽ خيرپور ويندو هوس، جو اتي گهرو هنر جي تعليم ڏيندو هو ۽ جنهن جَو تحفي طور ڏنل هڪ خوبصورت واز (Vase) اڃا تائين مون وٽ ڊرائينگ روم ۾ رکيو آهي.

مان هن وٽ ويٺو هوس ۽ ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ هن جون حيرت انگيز تصويرون ڏسي رهيو هوس تہ هن جي در تي نڙڪو ٿيو. هن دروازو ٿورو کولي ملاقاتيءَ کي چيو: "اڄ مون کي وقت ناهي، سڀاڻي اچجانءِ." دروازو ٺڪ سان بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ مون کي معلوم ٿيو تہ اهو شخص هن جو دوست هو ۽ روز شام جو هن سان گڏجي چهل قدمي ڪرڻ ويندو هو. اي ڪاش!......

مون کي لنڊن مان موٽي شڪاپور جي گهٽين ۾ ويٺو آهي ۽ ان تقدير جو تسلسل بيان ڪرڻو آهي، جا انگريز شاعر آڊن هيٺين لفظن ۾ ظهاري آهي:

All I have a voice

To undo the folded lie

The romantic lie we have in the brain of the sexual man in the street.

ترجمو: (مون وٽ جو ڪجهہ بہ آهي، آواز آهي.

جو ان پيچيده دروغ گوئيءَ جون ڳنڍيون کولي ٿو.

ان رومانوي دروغ گوئيءَ جون، جا گهٽيءَ ۾ هڪ جنسيات پرست ۽ دنيوي اِنسان ۾ آهي.)

پر ان تسلسل ڏانهن موٽڻ لاءِ هن لنڊن جي سفر جو احوال پورو ڪرڻو آهي، جو تاريخ وار مون کي ياد ناهي. ڪراميل هاسٽل ۾ منهنجي رهائش ڪان هڪ ڏينهن پوءِ راج چيو هو: "اڄ رات جي ماني سيني سان گڏجي اسان وٽ ڪائجانءِ." اسان راج جي گهر وياسين، جو پهرينءَ منزل تي هو جتي پهچڻ لاءِ لفٽ لڳل هئي. هڪ بنگالي بورچيءَ جا تريل سنبوسا کائي ۽ ٿوري وسڪي پي، اسان مانيءَ جي ميز تي آياسين. گفتگو ۾ ڪا گرم جوشي ڪانہ هئي، ڪابہ رنگيني نہ هئي ۽ اها مانيءَ وانگر بي سواد هئي. سال 1976ع ۾ جڏهن مان اڪيلو ويو هوس تہ راج جي گهر ڪينٽڪي چڪن (Kentukky Chicken) سان وسڪي ڏاڍي وٽي هئي. مانيءَ کان پوءِ راج اسان کي ڪراميل هاسٽل ۾ ڇڏي ويو. ها، گيتا کي جڏهن منهنجي ڏوهٽيءَ

جو نالو روماسا ٻڌايو ويو تہ هن حيرت مان پڇيو: "اهو ڪهڙيءَ ٻوليءَ جو نالو آهي؟" مون جواب ڏنو تہ: "سنڌيءَ جو. ٻيرومل مهرچند ٻنهنجي هڪ ڪتاب ۾ هڪ سنڌي راڻيءَ جو نالو روماسا لکيو آهي." پر جڏهن لاهور ۾ منهنجي پٽ سليم جي شادي ٿي هئي، تڏهن هن جي سهري خواجہ يوسف مون کي ٻڌايو هو تہ اهو فارسيءَ جو لفظ آهي جو 'رو_ مہ_ سا' يعني 'منهن چنڊ جهڙو' آهي. ان کان پوءِ گيتا ۽ راج نہ هاسٽل تي آيا، نہ فون تي پڇيائون تہ مون دل جي باءِ پاس ڪرائي يا نہ؟ ۽ جيئرو بہ بچيو آهيان يا نہ؟ منهنجي اي سي. جي (ECG) ۽ مئگنيٽڪ اسڪيننگ (Magnetic Scaning) رپورٽن ۾ ڪجهہ بہ نہ نڪتو هو. رڳو آرٿرائيٽس (Arthritis) جي تڪليف هئي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر فقط ٽِڪيءَ جي في ورتي ۽ بہ ڊسپرين جون گوريون ڏنائين، جي مون نہ کاڌيون، ڇو تہ اهي ڪئنسر ڪنديون آهن.

ٻئي ڏينهن اسان پول شاعره جي دڪان تان، پولنڊ جي ادب ۽ ان جي سياست جي باري ۾ ڪتاب خريد ڪيا. هن مون کان منهنجي ايڊريس ورتي ۽ پوءِ جڏهن کيس معلوم ٿيو تہ مان هڪ دور دراز ديس جو شاعر آهيان، تڏهن هن مون کي پنهنجي پولش شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب تحفي طور ڏنو. پوءِ اسان ٽيوب ٽرين ۾ ڦرندا رهياسون. ان وقت مون کي غالب جو شعر ياد اچي رهيو هو:

"غنچہ تا شگفتن ہا برگ عافیت معلوم
باوجود دلجمعی خواب گل پریشان ہے."

(مکڙي ٽڙڻ تائين هوندي، انهن جي پتين جي پچاڙي معلوم آهي. ٽڙڻ تانءِ هجي تہ ڇا، گل جو خواب تہ پوءِ بہ پريشان آهي.)

جڏهن مان بمبئيءَ ۾ 'شاهہ سچل، سامي' سيمينار ۾ صدارت لاءِ ويو هوس، تڏهن گيتا بہ لنڊن مان آئي هئي. موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش بہ دبئيءَ مان آيا هئا. گيتا پنهنجي اڳوڻي باندرا واري گهر ۾ رهيل هئي. هن اتان ارجن شاد کي فون ڪيو تہ: "اياز هتي ڪجهہ ڏينهن کان رهيل آهي، پر مون کي فون بہ نہ ڪئي اٿائين." ارجن شاد منهنجو دوست آهي. هن منهنجي زرينا جي پنهنجي گهر ۾ ماني ڪئي هئي. جتي ارجن جي زال موهني، زرينا سان ايترو گهائل مائل ٿي وئي هئي، جو اسان جي موٽڻ کان بہ ڏينهن اڳ

ٺاڪر چاولا جي گهر آئي، جتي اسان رهيل هئاسين. اتي هن زرينا کي ٺاهوڪو جوڙو تحفي ۾ ڏنو. جڏهن هن مون کي گيتا جي ميار ڏني، تڏهن مون هن کي هي فارسيءَ جو شعر ٻڌايو:

”مرنجان دلش را کہ این مرغ وحشی
زبامی کہ برخواست مشکل نشیند.“

(ان جي دل نہ رنجاءِ، جو اهو وحشي پکي،
جنهن بام (ڇڄهري) تان اٿي ويو ان تي مشڪل سان ويهندو آهي.)

راج مون کي لنڊن ۾ ٻڌايو تہ هو لنڊن ۾ ڄام صادق عليءَ جي بنگلي جي مرمت ڪرائي رهيو هو. ان وقت ڄام صادق علي پاڪستان ۾ هو. جڏهن بينظير جي 1988ع واري حڪومت هئي، هو ٻيهر پاڪستان آيو ۽ بينظير جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ وزيراعليٰ بڻيو. راج هن سان لنڊن ۾ ٽڪيل هو. انهن ڏينهن ۾ شاعر تنوير عباسيءَ جي گهر تي ڪائي تقريب هئي، جتي هو ڏينهن ٻہ رهيو هو. جڏهن موٽي آيو تہ اوچتو مون کي چيف منسٽر هائوس مان فون ڪيائين ۽ چيائين تہ: ”تو هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ مون بمبئي، لنڊن ۽ لينن گراڊ ۾ عشق ڪيا ها. اها بمبئيءَ ۾ ڪير هئي؟“

مون هن کي چيو تہ: ”مون اهو ڪتاب، توکي ٻين ڪتابن سان گڏ پاڻ لنڊن ۾ ڏنو هو. مان هن جو نالو وٺڻ نہ ٿو گهران، ڇو تہ هن جي چانڊنيءَ جهڙي طبيعت مون کي ڏاڍي وڻي هئي، پر اڃا مون هن سان عشق جو اظهار نہ ڪيو آهي.“

”چڱو اهو تہ نهيو پر تو فلاڻي کي ڇا چيو آهي؟“

مون هن کي جواب ڏنو: ”مرحوم رشيد ڀٽي شراب جي اثر هيٺ واهي تباهي ڳالهيون ڪندو هو جن کي ٻُڌي انهيءَ فلاڻي (نالو مان لکڻ نہ ٿو چاهيان) پنهنجي گمان کي رنگ روغن ڏنو آهي، جا هن جي عادت آهي. توکي ياد هوندو تہ مرحوم رشيد ڀٽي پنهنجيءَ ڪيفيت ۾ الهاس نگر ۾ ڇا چئي رهيو هو جنهن تي اسان هن کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو هو. جيستائين هن جا حواس درست نہ ٿيا ها، تيستائين هن کي ٻاهر اچڻ نہ ڏنو هو. تون فقط ٻہ منٽ آءُ تہ مان توکي ساري ڳالهہ سمجهائي سگهان.“

هن غصي جو شديد اظهار ڪندي چيو: ”بهتر ٿيندو تہ تون مون کي

هڪڙو خط لکي پنهنجي پٽ جي ذريعي موڪل. مان ڪار ڪاهي، پرنس ڪامپليڪس وٽ اچي بيهان ٿو.“

مون هن کي چيو تہ: ”اهو خط پنهنجي پٽ کي نہ ڏيندس. مان تو وٽ پاڻ ٿو ڪٽي اچان.“

مان خط لکي هيٺ لهي دروازي وٽ بيٺس تہ راج ڪار ۾ اچي پهتو. هن جي منهن تي غصو هو. هن کي اهي لفظ جيڪي فلاٽي چيا هئا، اهي هن مون کي ٻڌايا ۽ اهي لفظ ٻڌي ڪنهن کي بہ غصو اچي ٿي سگهيو ۽ مون فقط هن کان پڇيو تہ: ”هن کي اها جرئت ڪيئن، جو هن اهي فحش لفظ توکي مُنهن تي چيا.“

ان تي راج چيو تہ: ”هائو هن کي اها جرئت ڪيئن ٿي! هو اڃا ايئرپورٽ تي نہ پهتو هوندو. مان هن کي ڳولي ٿو لهان. باقي تنهنجي اسان جي دوستي ڇُٽي.“ هو تيزيءَ سان رستي تان ڪار هلائي هليو ويو. ڄڻ ڪنهن ڦڻنچيءَ سان پٽ جو تاڪيو ڪتريو. افسوس! ڪيترا نہ پيارا ڏينهن منهنجي تپش آميز زندگيءَ تان جهڙ وانگر لهي ويا!

بهرصورت مان پوئين پيري لنڊن جي سفر جو قصو پورو ڪري وٺان، جو تہ ڪافي ڊگهو ٿي ويو آهي. مگسي اسان کي لنڊن جي زُو (عجائب گهر) ۾ وٺي هليو جتي هڪ هنڌ تي هرڻ بيٺا ها، جي انسان کان نہ ٿي ڊنا. مون هڪ هرڻ جي مٿي تي هٿ گهمائيندي فوٽو ڪڍايو هو جيڪو منهنجي البم ۾ آهي. جيڪو جڏهن ماهوار سهڻيءَ جي ’شيخ اياز‘ نمبر ۾ ڇپيو تہ ماهتاب محبوب کي ڏاڍو وڻيو هو. مون ماهتاب ۽ محبوب سان ڪافي وقت گڏ گذاريو آهي، جو مون کان اڃا نہ وسريو آهي. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ مان بيماريءَ سبب حيدرآباد وڃي نہ سگهيو آهيان. ماهتاب آخري دفعو مون سان هڪ تقريب ۾ ڪراچيءَ ۾ ملي هئي، جتي حيدرآباد اچڻ لاءِ چيو هئائين.

اُن کان پوءِ اسان مگسيءَ جي ڪار ۾ شيشا چاڙهي، چيتن ۽ شينهن جهڙن وحشي جانورن جي وچ مان لنگهياسون. ٻاهران بورڊ لڳل هو تہ هرڪو پنهنجو خطرو کڻي وڃي سگهي ٿو. پر جانور خاموش ويٺا رهيا ۽ ڪار تي رومڙ نہ ڪيائون. نيٺ اسان بگهڙن جي واڙ وٽ پهتاسين، جتي سوَ کان مٿي بگهڙ خاردار لوڙهي ۾ بند آهن. گذريل پيري جڏهن مان سال 1976ع ۾ اتي

نما شام جو آيو هوس، تڏهن راڄ ۾ گيتا مون سان سارڻ هئا. ان وقت بگهڙن جي اوناڙ آسمان مان نيزي وانگر پار ٿي وئي هئي. ڪيئي بگهڙ اوناڙي رهيا هئا، شام جو انڌيارو وڌي ويو هو ۽ موت جي ياد ٿي ڏياريائين. ٻئي پيري مگسي، جڏهن هو پاڪستان ۾ تازو آيو هو تڏهن حيدرآباد مان مون کي فون ڪيو هئائين تہ مون وٽ ٻن ٽن ڏينهن ۾ ايندو. هن لنڊن ۾ اسان سيني جي ماني ڪئي هئي ۽ هن جي زال منهنجي زال سان گهائل مائل ٿي وئي هئي. مگسي اسان کي هڪ تفريح گاهہ تي وٺي هليو جتي ڊولفن (Dolphins) تلاءَ مان ٽپا ڏئي، ڪجهہ جهپي رهيون هيون. سنڌيءَ ۾ ڊولفن کي ”ٻلهڻ“ چوندا آهن. پرمانند ميوارام جي لغت ۾ ڊولفن (Dolphin) جي معني 'دِلفين' يا 'مي' لکي آهي. پويون لفظ مون شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ نوري تماچيءَ ۾ پڙهيو آهي.

”تون تماچي تڙ ڏٽي، مان مهاڻي مي،
مون کي ڏهاڳ مَ ڏي، گهڻو ريسارا سپرين.“

زرينا هاڻي هل تہ شڪاپور موٽون. لاتوٽي قري قري ڪِري پئي آهي. جيئن زندگي لاچار ٿي ويندي آهي. ان ۾ مان وري ڏور ہڏي، اُن کي هلايان ٿو. اسان پاڙي جي پڌر ۾ بيٺا آهيون. ڪجهہ پاڙي جون غريب زالون، عاج يا چانديءَ جون ٻانهيون پايو دلا حوض جي پرسان رکي ويٺيون آهن. هڪڙيءَ کي تہ چليءَ باداميءَ جهڙي شڪل آهي، ٻي نيسر جي هيٺان جهُڪي گهڙو پري رهي آهي ۽ شلوار مان هن جون ڪيوڙي جهڙيون رانون ظاهر ٿي رهيون آهن. هن جي ٻنهي رانن مان وٽي ائين لڳي رهي آهي، جيئن گدري جي ول ۾ ڪڏهن آمهون سامهون ٻہ گدرا هوندا آهن. سندس گهڙو پرجي ٿو تہ مهارت سان ان کي اچل سان ڪٽي چيلهہ تي رکي ٿي ۽ ٻيءَ کي پرڻ لاءِ وارو ڏئي ٿي. ان کوهہ جي گاديءَ ۾ هٿ وجهي، ڪوئي زور ڏئي هلائي رهيو آهي. جو تہ گاديءَ تي تنهنجون ٻہ ٽي ساهيڙيون ويٺيون هيون. اهو کوهہ منهنجي ڏاڏي بنگل شيخ ڪوتايو هو جو ميونسپل ڪائونسلر هوندو هو. جنهن جي نالي سان اهو کوهہ منسوب هيو.

لاتون ۽ لاتوٽي جنديءَ لڳل آهن ۽ ڪشمور جا نهيل آهن. اِتي ڏکر ٻہ جنديءَ تي چڙهيل آهن. بڪٽ، لين، مونَ، نار آروهي، يڪ، نہ جاٽان اهي

کهڙي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جي تاريخ ائين ڳڙڪائي ڇڏيا آهن، جيئن ارڙ نانگ ڪوئي ساهوارو ڳڙڪائي ڇڏيندو آهي. زرينا جي گهر ۾ ڇا ڇا سامان نہ هوندو هو. چڪرا، ويلڻ، اڪريون، مهريون، ڪٽوليون ۽ ڪٽن جا پاوا، پلنگ، پينگها، ڪرسيون، تپايون، آرسيون، دٻلا، ٿالهيون، جهنجهڻ سڀ جنديءَ چڙهيل هوندا هئا.* هن جو سارو گهر ڪنهن مصور جي روح وانگر لڳندو هو. هن جو پيءُ خانصاحب حسين بخش ان وقت جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو جنهن وقت ڪليڪٽر گهٽو ڪري سڀ انگريز هوندا هئا. لاتوٽي ڦري ليٽي پئي تہ اسان ڪوڏين راند کيڏڻ لڳاسون. چٽڪبري ڪوڏيءَ کي گانءِ، سونهري رنگ واري ڪوڏي بائلي، خاڪي رنگ واريءَ کي گبو سرمائي رنگ واريءَ کي سُرميل ۽ وڏي ڪوڏيءَ کي ڍينگ چوندا هئاسون. ڪيڏيون صديون سمايون هيون انهن لفظن ۾! پشت ٻپشت اسان جا وڏا اهي لفظ ڪم آڻيندا رهيا ها،* جن ڪان سندن پونيئرن ٻڌا هئا. معلوم نہ آهي تہ اهي لفظ آريائي يا سنڌ ديس جا هئا ۽ موهن جي دڙي يا هڙپا ۾ استعمال ٿيندا هئا، ڇو تہ هي سارو اتر پاڪستان وارو علائقو ڪانيا واڙ ڪڇ ڀڄ، گجرات تائين سنڌ ديس هو جنهن کي هاڪڙو درياءُ باقي هند کان ورهائي ڇڏيندو هو. هند ورش کي اسان جي پوري معلومات نہ هئي.

پرسان منهنجا جيڏا شيشي ۽ پٽر جي چڊن سان گچيءَ راند کيڏي رهيا هئا. اِنڊا، ڪبوتري، رنگارنگي پٽراوان چڊا، رنگ رنگ جون گوليون، جڏهن چڊو چڊي کي ڇُٽيو وجي ٿو تہ ”سڀ گل“ جون صدائون اڀرن ٿيون.* اسان جي پاڙي ۾ ٽي نمون هيون. هڪ تہ اسان جي گهر جي دروازي لڳ هئي ۽ نہ رڳو ان جا ڏار ۽ ٽاريون اسان جي ڇڇهري سان گسنديون هيون، پر ان جون ڪيئي لامون ڪوٺي تي ڇت وانگر وڌي آيون هيون. جڏهن نمن ۾ ٻور ٿيندو هو تہ سڄو پاڙو ان جي خوشبوءِ سان واسجي ويندو هو. ساوڻ جو مينهن نمن جا پن ڌوئي ڇهڇ ساوا ڪري ڇڏيندو هو تہ طوطا، ڪبريون، بربليون،جهرڪيون، نوريئڙا هر وڻ تي هوندا هئا. انهن وڻن ۾ سرڻين ٻہ آکيرا ٺاهيا هئا.

اسان جي پاڙي ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي هڪ جيترا رهندا هئا. منهنجي گهر جي پرسان هڪ گِدو مل رهندو هو. اهو ڇئين ٻجي ننڊ مان اٿي ميران

---

* هتي اياز ورجاءَ کان ڪم ورتو آهي، پر سندس ورجاءُ فطري ۽ وڻندڙ لڳي ٿو. (ت. ج)

ٻائيءَ جا پچن ۽ ڪبير جا دوها ڳائيندو هو ۽ ائين پرارٿنائون ڪندو هو. چڻ خدا سان محوِ گفتگو هو. چڻ خدا رات هنن جي گهر ۾ گذاري هئي ۽ سامهون واري مسجد ۾ ملان رمضان اڪيلو ننڊ ڪندو هو. گِنديءَ جو آواز ٻڌي مون کي اهو سوچي تہ اجا باک نہ ڦٽي آهي، ننڊ وٺي ويندي هئي. گِندي مل جو ڏوهٽو يا پوٽو مون سان بمبئيءَ ۾ گڏيو هو جڏهن پوپٽي هيرانندا ٽيءَ منهنجي آجيان لاءِ هن جي ٽولي کان پڳت ڪرائي هئي ۽ اتڪل سؤ کن ماڻهن جي ماني بہ ڪئي هئي. پوءِ گِندي مل جي پوٽي، منهنجي ۽ زرينا جي پنهنجي گهر ماني بہ ڪئي هئي، جتي نند جويري، گيتاراج ۽ ٻيا آيا هئا.

ڪاڏي بمبئي وڃي نڪتس! ماڻهوءَ جو من ڪيڏو نہ چنچل آهي. ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي! ايڪا گرتا (Concentration) نالي ڪا ڳالهہ ڪانهي. اها ڪنهن يوگيءَ جو اُناءُ آهي.

هاڻي وري زرينا وٽ شڪارپور موٽي ٿو اچان. پاڙي ۾ اسان جي گهر پرسان گگني نالي هڪ هندو رهندو هو. جنهن کي ٽي ڏيئر هونديون هيون، جن مان هن جي ڏيءَ سران ڏاڍي خوبصورت هوندي هئي. مون کي انسان جي سونهن ننڍي هوندي کان ئي مُنڊي چڏيندي هئي. جڏهن اسڪول ۾ پهرين درجي انگريزيءَ ۾ هوس، تڏهن مون پنهنجي استاد سائين ڪيئل ڏاس ڦانيءَ کان روهڙيءَ واري "بيڪس" فقير جي هڪ شعر جي سٽ ٻڌي هئي:

"ساجن سائين سٽر ڪرڻ لئہ آيو ٿي انسان."

ان سٽ مون کي ائين ٻڌيَ ڇڏيو هو جيئن اسان ننڍي هوندي بربل کي پيٽي وجهي، ان سان ڳنڍيل ڏاڳو ٻڌي، هڪ هٽ تي ويهاري هيرائيندا هئاسين. اسان جي پاڙي ۾ هڪ شخص گاجي نالي رهندو هو. سنڌي ماڻهو غازيءَ کي گاجي سڏيندا هئا. جيئن ٻين مقدس نالن جو نہ رڳو تلفظ ڦيرايو اٿائون، پر انهن جو مخفف اهڙو ڪيو اٿائون، جو اهو مضحڪ خيز لڳندو آهي. فتني جي پَو کان رڳو هڪ ٻيو مثال ٿو ڏيان. هُو وليءَ کي وَلو چوندا هئا.

مان پنهنجي گهر جي پهرين منزل پرسان ڏار تي چڙهي، نم جي پنن ۾ لڪي ويندو هوس ۽ سران کي ڏسندو هوس، جڏهن هوءَ ٿورو تاڪ پيڪڙي، ننگي ٿي سنان ڪندي هئي. دراصل اسان جي جاءِ ۾ هڪ حَال هو. جنهن ۾ منهنجي پيءُ پنجاهہ مغربي مصوريءَ جا نقل (Replicas) مڙهائي ٽنگي ڇڏيا هئا. جنهن ۾ هڪ تصوير ۾ شل ننگي عورت پني ڏٺي وهني هوندي

هئي ۽ هن جا ٽڙا پکل ناسپاتين وانگر لڳندا هئا. اُها سران وانگر لڳندي هئي، جڏهن هوءَ سَنان ڪندي هئي. بابو سائين وڏو عاشق مزاج انسان هو پر هن تي مان پوءِ ٿو اچان. ٻيو اسان جي پاڙي ۾ سيٺ چئنراءِ رهندو هو جنهن جو گهر زرينا ۽ هن جي مامي شيخ واجد عليءَ جي گهر جي وچ ۾ هوندو هو. چئن راءِ شڪارپور ڪانگريس جو صدر ۽ واجد علي شڪارپور مسلم ليگ جو صدر هو پر اها ڳالهہ پوءِ جي آهي. وقت جون واڳون ڍريون ڇڏ، ڇوتہ اهو تيز رفتار گهوڙو آهي، ائين نہ ٿئي تہ غالب وانگر تنهنجي قابوءَ ۾ نہ اچي!

ہے رومین رخش کہاں دیکھئے تھمے
نا ہاتھ باگ پر ہے نا پا ہے رکاب میں

اسان جي پاڙي جي چئني طرفين هندن جون حويليون هيون. منهنجي گهر کان سوَ قدم پري نيين پور هوندي هئي، جتي فقط شيخ رهندا هئا. هندو ڏاڍا آسودا هوندا هئا. اهي سمرقند، بخارا، روس، ايران، هندوستان، مسقط ۽ عرب سان واپار ڪري، ڪروڙين رپيا ڪمائي شڪاپور ۾ آڻيندا هئا. انهن جي زالن کي رنگين پڙا، انگيون ۽ ڇڄ سون جا پيا هوندا هئا. هو ڪراين ۾ ڏهہ ڏهہ ڪنگڻيون، ٻانهن ۾ ۽ نونئين وٽ هيرن سان ڪنگڻ، ڌريون، نسبيون، ويڙهہ، پازيب، نورا، چوٽيءَ ڦل، ڇلا، ٽائٽ وغيره ايترا ڳهہ پائيندڀون هيون، جو سونَ سان سٽجي ويندڀون هيون. جيئن روهيڙي جو وڻ بسنت ۾ گلن سان جهنجهجي پوندو آهي. مون انهن جي يادگيري پنهنجي ڪتاب 'ڪپر ٿو ڪُن ڪري' ۾ 'سُر سورٺ' ۾ ڇٽي آهي.

اسان جا مائٽ پڊر ۾ ڪتون وجهي، پٽي راند ڪيڏندا ها، انهن راندين ۾ ڪجهہ هندو بہ شامل هوندا ها. هڪ تہ اهو بدنام شخص هو جنهن جوان زال يڏشتر وانگر جوئا ۾ هارائي هئي. هڪ پيري هڪ ريشمي پڙي سان نهايت خوبصورت جوان هندو عورت وڃي رهي هئي. ان وقت منهنجي عمر ست يا اٺ سال مس هئي. مون کي هڪ مائٽ چُرچ ڏني تہ هن جو پڙو مٿي ڪري، اڳيان اچي ڏسينس تہ ڇا اٿس. مون ائين ڪيو تہ ان هندو عورت مون کي زور سان بجا هنيا، جو مان ٻاهر نڪري آيس ۽ وٺي ڪٽ ڏي ڀڳس، جتي منهنجا مائٽ ويٺا هئا. منهنجي مائٽ ڪلي پڇيو: "ڇا ڏٺئہ؟" "ناڪ وانگر ڪا شيءِ هئي." مون جواب ڏنو. گندو مل وارا، حويليءَ ۾ رهندا هئا، جن جي

گهرن جا در ٻيءَ گهٽيءَ ۾ هوندا هئا. جنهن ۾ شيام لال نالي ڪوئلن جو واپاري هندو رهندو هو. هن جي ڌيءَ ۽ ان جي ساهيڙي گوپي مون سان اُن وقت عشق ڪنديون هيون، جنهن وقت مان مئٽرڪ ۾ هوس ۽ منهنجي پنيان بربلين وانگر ڦرنديون هيون. گوپيءَ جي ماءُ تہ منهنجي ماءُ کي دانهن ڏئي چيو هو تہ: ”هي تنهنجو پٽ پيءُ تي ويو آهي، ان تي روڪ رک. جي گوپي هن جي ڪِرِ تنهنجي گهر گهڙي تہ هن کي ڄُنڊن کان وٺي ڪڍي ڇڏجانءِ.“ پر اها گهٽو پوءِ جي ڳالهہ آهي. مون جڏهن ڳالهہ وچ ۾ ڪٽي، تڏهن سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو هوس.

اسان جي گهر جي سامهون بہ هندن جا گهر هيا. جن جي پٺ تان هنن جون حويليون هونديون هيون. هندن جي حويلين ۾ رهڻ جو ڪارڻ، تاريخ ۾ مسلح حملي آور هئا. جي هنن جي گهرن ۾ پيهي سڀ ڪجهہ تلف تاراج ڪندا ها ۽ هنن جي ننگن جي عزت بہ محفوظ نہ هوندي هئي. انهن ۾ هڪ ٽِڪي واياٽي هئي، جنهن جو چاليهن سالن جو پٽ هڪ چوڏهن ورهين جي ڇوڪريءَ موهنيءَ سان پرڻجي آيو هو. اونهاري جي رات هئي. تارا نيري آسمان ۾ ٽمڪي رهيا هئا. اوچتو الوپ پکيءَ جو آواز آيو ۽ مون کي جاڳ ٿي وئي. الوپ پکيءَ جي آواز تي مون کي سدائين جاڳ ٿيندي هئي. مان ماءُ کان پڇندو هوس: ”اهو ڪهڙو پکي آهي، جو تيز اڏامي گم ٿي وڃي ٿو ۽ نظر بہ نہ ٿو اچي.“

اميءَ کي ڪوئي جواب سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ هوءَ چوندي هئي: ”اهو ڪوئي روح آهي، جو ڪجهہ ڳولي رهيو آهي.“ مون ڪافي وقت تائين پاڻ کي الوپ پکيءَ وانگر ڀانيو هو جو ڪنهن جي ڳولا ۾ هو جا هن کي هٿ نہ ٿي آئي. پر ان رات مون ٽِڪيءَ جي گهر مان رڙيون ٻڌيون، ڄڻ ڪنهن کي چاقو لڳي رهيا ها. مون پرسان ستل نوڪرياڻيءَ کي جاڳندو ڏسي پڇيو: ”هي رڙيون ڪنهن جون آهن؟“ هن وراڻيو تہ: ”مرد آهي رنڙ ۽ منهن تي ڪاٺ گدري جي ٻجن جيترا وڏي ماتا جا ڪارا ڇُگهہ اٿس ۽ زال آهي رابيل جي گل جهڙي، ننڍي نيٽي، مڙس نہ ٿو وٽيس.“ مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ پوءِ هن اهڙي مڙس سان شادي ڇو ڪئي؟ شاديءَ جي رات ايڏيون رڙيون ڇو ٿي ڪيائين ۽ ساري پاڙي کي ننڊ مان جاڳايائين پئي! ڪجهہ ڏينهن پوءِ خبر پئي تہ هن زال پنجين سوين خريد ڪئي آهي.

پرسان ہيا هندو بہ رهندا هئا ۽ اٺ ڏهہ گهر اسان جي بلراڻي ۽ چيتاڻي شيخن جا ها ۽ اتان پنجاهہ قدمن تي نيين پور جو پاڙو هو جتي تيهارو گهر هرواڻي شيخن جا ها ۽ اسان جي گهر کان سؤ کن قدمن تي جُماڻين جو پاڙو هوندو هو جتي خانواڻي شيخ رهندا ها. اسان جي گهر کان بہ سؤ قدم پري وطڻ جي ڪنڊ ڏي عطا محمد ۽ ٻين شيخن جا گهر ها. مير شاهہ جي قبي ۽ ننڍيءَ بازار ۾ بہ شيخن جا گهر هيا. اسان جا اتڪل بہ سؤ گهر هوندا هئا. اسان جون ذاتيون بہ هندن وانگر هيون. اسان جي گهر کان بہ سؤ قدمن تي اوتارو هو جتي راڻي پور واري پير صالح شاهہ جو خليفو حيدر شاهہ رهندو هو. اتي روز شام جو دمال وڄندي هئي. هاڻي تہ اهو دمال جو آواز رات جي اونداهيءَ ۾ مون کي موت جي ياد ڏياريندو آهي. دل چوندي آهي، دمال جيترو وڄي سگهي، وڄي، جيستائين رات جي اونداهي ڇانئجي وڃي.

اسان جي گهر جي پرسان دمينتي ديويءَ جو ميران اسڪول هيو جتي صبح جو ميران جا ٻچن ڳايا ويندا ها. جتي زرينا پڙهندي هئي. رُڪِي، ساوتري، لجا، سُڪان، ڪوشليا، پتلي، وديا، لڇي ۽ چندري هن جون هندو ساهيڙيون ۽ ڪشمير، سلطانہ گوهر مسلمان ساهيڙيون هيون. هن جون هندو ساهيڙيون ڪنهن آنديءَ ۾ ڪڪ پن تي اڏامي ويون ۽ الائجي ڪٿي وڃي ڪِريون. رڳو رُڪي زرينا سان بمبئيءَ ۾ ملي هئي، جا سنڌي اديب ٻلديو گاجرا جي ڀاجائي هئي ۽ زرينا سان شاهہ سچل سامي سيمينار تي ڏاڍي سڪ سان ملي هئي ۽ جڏهن ٻلديو گاجرا منهنجي پنهنجي گهر ماني جهلي هئي تہ رُڪي بہ آئي هئي ۽ زرينا سان ڪيترو وقت ڪچهري ڪئي هئائين ۽ هن کي ڪن ساهيڙين جي باري ۾ ٻڌايو هئائين، جيڪي جيئريون هيون ۽ جن جي باري ۾ ڪيس معلوم هو.

ننڍپڻ جون ساهيڙيون ۽ ننڍپڻ جا دوست ڪيڏا نہ پيارا ٿا لڳن! انهن سان ڳالهيون ڪري انسان پنهنجي ماضيءَ کي موٽائي سگهي ٿو. ماضي، جو هونئن اڻ موٽ آهي. هڪ انگريزي پهاڪو آهي تہ 'هڪ پراڻي دوست کان بهتر ڪوئي آئينو نہ آهي'. ديوان ذوق ۾ مون کي فقط هڪ شعر وڻيو هو:

اے ذوق کسی ہمدم دیرینہ کا ملنا
بہتر ہے ملاقاتِ مسیحا و خضر سے

آمريڪا جي مشهور دهرئي مفڪر انگرسال چيو هو: ”هر ڪوئي پڇي ٿو ’ڪيڏانهن؟‘ ۽ هر ڪو جواب ڏئي ٿو: ’ڪيڏانهن بہ نہ!‘ جيستائين مان ان ڳالهہ تي اعتبار ڪندو هوس تہ زندگي ۽ موت جي وچ ۾ سفر دوستي آسان ڪري ڇڏيندي هئي، پر ويجهڙائيءَ ۾ مون کي محسوس ٿيو هو تہ: ”جي تون پنهنجو دوست آهين ۽ خدا تنهنجو دوست آهي تہ توکي ٻئي دوست جي ضرورت نہ آهي.“

مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ ڪرپس مشن پلان چڱي هئي. نہ ڪشمير ۾ خونريزي ٿئي ها ۽ نہ ڪراچيءَ ۾ ۽ نہ پوپٽي هيرانندانيءَ کي ’مان سنڌڻ‘ ڪتاب لکڻو پوي ها. تاريخ جي بطن ۾ ڇا آهي، اهو ڪير ٿو ڄاڻي. ائين تہ نہ آهي تہ مان ويد وياس جو ٻيو جنم آهيان. ڪيترا نہ ڪردار منهنجي شاعريءَ مان ليئا پائي رهيا آهن! ڇا اهي سڀ منهنجي ماضيءَ مان ڇڄي ويا؟ پبلو نرودا کي بہ لاطيني آمريڪا سان ايتري محبت نہ هئي، جيتري مون کي برصغير سان آهي.

اڄ، زرينا اڄ! مان وري ٽِرڪي ٿو وڃان. اسان جي گهر جي ويجهو مسند واهي هئي، جنهن جي پرسان شڪارپور ميونسپالٽي هئي، جتي اسان جو پٽ انيس ايڊمنسٽريٽر ٿيو هو. هن منهنجي ڇوڙ تي، فائير برگيڊ جي هوز پائيپن سان شاهي باغ جا وڻ ڌورايا هئا. پر ڇا هو اها مٽي لاهي سگهيو هو جا پن پن تي ڄمي وئي هئي؟ شڪارپور جي فائير برگيڊ تہ ڇا، پوري برصغير جا فائير برگيڊ اها آڳ اجهائي نہ سگهندا، جا من من ۾ ٻري رهي آهي، جا شايد ڪنهن نيوڪليئر جنگ جا شعلا ٿي ايري اچي. محترمہ بينظير ڀٽو ڪيڏي نہ ڪوشش ڪري رهي آهي تہ نيوڪليئر جنگ ۾ ڪراچي ۽ دهلي تباهہ نہ ٿين، پر مون کي تہ ناسٽر ڊيمس (Naster Damus) ويهينءَ صديءَ لاءِ عظيم اڳڪٿي ڪندڙ وانگر ڪائي قيامتِ صغرا نظر اچي رهي آهي. ڪوئي زبردست طوفان اچي رهيو آهي، جو جهونا ٻڙ پاڙئون پٽي ڦٽي ڪندو ۽ گهرن جون ڇتيون اڏامي پري پري وڃي ڪِرنديون ۽ انهن جي سر سر سان نہ ملندي!

زرينا! مان توکان معافي ٿو وٺان، منهنجو منُ ڀنائيءَ جي هن سِٽ جيان ٻُري رهيو آهي:

"ڪا جا ڪُن ڪرين، پنيءَ پڻ جهڻ پاڻَ ۾."

ٺهيو وسارينس! هل تہ شاهي باغ لڳ بيگاري واهہ تي هلون. جتي سانوڻ ۾ بدبو ۾ ٽيوب ڪٽي لاٽ پوندا هئاسين. بيگاريءَ جي پر تي ٻڙ جا وڻ هوندا هئا، جن جون لامون صديون جهونن جوڳين جي جٽائن وانگر هونديون هيون، جن کي چنبڙي، اسان جُهولو جُهولندا هئاسين ۽ ڪڏهن واهہ جي ٻئي پار ٽپو ڏيندا هئاسين ۽ ڪڏهن ڏڙام ڪري پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيندا هئاسين. شاهي باغ پرسان هندن جا دڪان هوندا هئا، جتان دال، دانگيءَ جي ماني، انبڙين ۽ بصر جي ڪتاڻ وٺي ڪيتري چاهہ سان کائيندا هئاسين. دميون ٻڌندا هئاسين، توريون ڪٽندا هئاسين. تون ۽ تنهنجو خاندان، تنهنجي پيءَ سان چڪڙي تي چڙهي ايندو هو. عورتون، عورتاڻي ٽڙ تي هليون وينديون هيون ۽ تنهنجا ڀائر ۽ پيءُ ۽ اسان مرداڻي ٽڙ تي هليا ويندا هئاسين. ٽڙ بہ هوندا هئا. هڪڙو هندڪو ۽ ٻيو مسلمانڪو. الائي انهن ٽڙن تي اهو نالو ڇو رکيو اٿائون؟ پاڻيءَ جو تہ ڪو مذهب نہ آهي ۽ نہ ان تي ٻڙ جي ڇانءَ جو ڪوئي دين ڌرم آهي ۽ نہ وري واهہ جوئي آهي، جو وقت وانگر روان دوان آهي.

مسلمانڪي ٽڙ تي ورلي ڪو هندو ايندو هو باقي هندڪي ٽڙ تي مسلمان ويندا هئا ۽ هندو انهن کي نہ جهليندا هئا. پپل، سرنهن، نم ۽ ٻڙ جا وڻ ڪنڌيءَ تي بہ هوندا هئا ۽ ٽڙن جي اندر بہ هوندا هئا. واهہ جي پر تي ڏاڪڻيون هونديون هيون، جتي گرميءَ سبب بدن کي ميٺ لائي اسان جا وڏڙا چوياس[1] کيڏندا هئا ۽ اسان سارو وقت ٽڙٻندا رهندا هئاسين. ننڍيءَ بيگاريءَ جي پر تي ٽاڏل بہ گهوٽبي هئي، جنهن ۾ ڪڏهن پينگ بہ وجهندا هئا، جنهن کي سُکو چوندا هئا. جڏهن سُکو گهاٽو هوندو هو ۽ پياڪن تي نشو چڙهي ويندو هو تڏهن جمني پري چوندا هئا، 'اچي، تنهنجو سر بچي، ڪوڙي ڪانگڙ ۾ نچي.'

هوندئن چڙئي پاڻيءَ ۾ وهنجي، پينگ جي هڪ بہ جمني پي، ٽڏا ٽانهريا، منهنجا مائٽ، ڪلهن تي بوچڻ رکي، گهر موٽندا هئا ۽ انبن سان چانور کائيندا هئا يا جڳو پڪوڙائيءَ جا پڪوڙا ۽ ساڳ گهرائيندا هئا. بيگاريءَ ۾ مون موت سان ٻيو پيرو مُنڊو اٽڪايو هو. مان ترڻ سکي رهيو هوس ۽ دمي بہ

---

[1] چوياس: چوپاڙ تاس راند، جا چار ڄڻا گڏجي کيڏندا آهن (ت.ج)

پڌل نہ هئي ۽ صفا ٻڏي ويو هوس. پل جي هيٺان منهنجي وارن ۾ منهنجي ڪنهن مائٽ جو هٿ پئجي ويو هو ۽ پوءِ تہ مون کي ڇڪي ڪنڌيءَ تي ليٽايو هئائون ۽ منهنجي پيٽ کي زور ڏئي پاڻي ڪڍيو هئائون. مان اڌ ڪلاڪ بيهوش هوس. زرينا! مون موت سان ويهارو پيرا ڪلهو گسايو آهي، پر هر ڀيري ترِ تان بچي ويو آهيان. ان کان اڳ ۾، مون ۽ ٻين ڇوڪرن ميرشاهہ جي قبي کان ڪجهہ پري، پڪي ٻير ۾ ڇهنبدار پٿر ڪٽي تي هنيا. هڪ ڇوڪري جو پٿر ٻير جي ڏار سان ٽڪرائجي منهنجي مٿي تي اچي ڪِريو ۽ ٽيٽيون ڪري رت وهڻ لڳو. جڏهن مان گهر پهتس، تڏهن منهنجا ڪپڙا رت ۾ ڀنل ڏسي، منهنجي ماءُ روئي ويٺي ۽ منهنجي پيءُ کي سڏ ڪيائين، جنهن چيو: ”تنهنجي ائنٽرائپ ڏسي، منهنجي لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ٿي.“ هن منهنجي لوئنڊڙين وٽان ڪپڙي سان رت اگهي، مٿي ۾ ٽيل چگهہ ۾ پينل سرمو وڌو تہ رت بيهي ويو ۽ اهو سرمو منهنجي مٿي ۾ ڇهہ مهينا شڪل پيو رهيو. ٻين واقعن جو مناسب وقت تي ذڪر ڪندس.

ڪنهن ڪتاب ۾ روسي مفڪر والٽيئر چيو هو: ”انسان ذات کي ٿي ڄاڻ آهي، تہ مرڻو آهي ۽ اها ڳالهہ هن پنهنجي تجربي مان ڄاتي ٿي. جي ڪوئي ٻار اڪيلو وڏو ٿئي ۽ ڪنهن بيابان ۾ پيدا ٿئي تہ ان کي موت جي ائين خبر نہ پوندي، جيئن ڪنهن ٻليءَ کي يا ڪنهن ٻوٽي کي نہ هوندي“ پر ائين ٿي نہ ٿو سگهي، اسان موت کي چوڌاري ڏسون ٿا.

هڪ عورت مهاتما گوتم ٻڌ وٽ پنهنجو مئل ننڍو ٻار کڻي آئي ۽ هن کي چيائين: ”هي منهنجو سڪيلڌو پٽ آهي، ان کان سواءِ مان جي نہ سگهندس. اِهو مون کي جيئاري ڏي.“

گوتم ٻڌ جواب ڏنس، ”هڪ شرط تي توکي تنهنجو پٽ جيئاري ڏيندس. تون ساري ڳوٺ جي گهر گهر مان پڇي اچي ٻڌاءِ تہ اهڙو ڪوئي گهر آهي، جتي ڪوئي مئو نہ هجي.“ ٻئي ڏينهن اها عورت ٻڌ وٽ آئي ۽ هن کي چيائين: ”نہ، اهڙو ڪوئي گهر نہ آهي.“ ان تي گوتم ٻڌ هن کي چيو: ”موت، انسان جو مقدر آهي ۽ ان کان ڪائي راهِ فرار نہ آهي.“

بابا سائين چوندو هو.

”ڪاڏي ويو پٺيئن ماڻهين،
اڄا نہ ٿو ڄاڻين!“

اهو صحيح آهي، ”شاعر ۽ سائنسدان چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا تہ جڏهن اسان مري وڃون ٿا، اسين نہ ٿا رهون، سو موت اسان لاءِ نہ ٿو رهي.“ حيرت آهي، انگريز سَريت پسند (Mystical) شاعرن کي، ان مان تسڪين ملندي هئي تہ: ”هي زرق برق لباس واري عورت بہ انت ڪيڙن جو کاڄ ٿيندي“

هسپانوي مفڪر يونامِنو جو هي قوُل ڪٿي پڙهيو هوم: ”هر دهرئي تي بہ هڪ پاڇائون پئجي رهيو آهي، جو بي ڪئنائيءَ جو پاڇائون آهي، جو روح جي ڪنهن تهہ خاني تي پوي ٿو. انهيءَ بي ڪئنائي کان سواءِ اسان ڪيئن ٿا جي سگهون!“ زندهہ رهڻ جو ارادو آسانيءَ سان ختم نہ ٿو ٿئي. منهنجي مرغوب فلسفي سورين ڪيرڪي گارڊ (Soren Kierke Gaard) چيو آهي: ”روح جي ابديت ان مان ثابت آهي تہ روح جي بيماري روح کي ختم نہ ٿي ڪري سگهي، پر جسم جي بيماري جسم کي ختم ڪري سگهي ٿي.“ ساڳيءَ طرح انسان جي ابديت جو ثبوت اهو بہ آهي تہ ”مايوسي هن جي خوديءَ (Self) کي ختم نہ ٿي ڪري سگهي، جي انسان ۾ ڪجهہ ابدي نہ هجي ها تہ مايوس نہ ٿئي ها، ۽ جي مايوسي هن جي خوديءَ کي ختم ڪري سگهي ها تہ مايوسي، مايوسي نہ رهي ها.“

هاڻي، هن سال مارچ ۾ منهنجا ٻاهتر سال پورا ٿيندا. مون کي اطالوي شاعر ورجل جو قول ياد اچي رهيو آهي: ”اجهو، موت توکي ڪن کان وٺي چئي رهيو آهي، ’جي وٺ! مان اچي رهيو آهيان!‘ پر مون کي اُلڪو ناهي. شيڪسپيئر پنهنجي ڊرامي ’مئڪبيٿ‘ ۾ بلڪل صحيح چيو آهي: ”زندگيءَ جي بحراني بخار کان پوءِ هن چڱي ننڊ ڪئي. بغاوت هن لاءِ اڳي ئي خراب ثابت ٿي هئي. هاڻي تہ ڪابہ تلوار يا زهر يا پنهنجن جو بغض ۽ حسد يا ڌاري فوج جي يرتي - ڪابہ شيءِ هن کي ڇُهي نہ ٿي سگهي.“

زرينا، مان وري وڃي فلسفي جي ڊيڄ ۾ ڪِريو آهيان، مون کي ان مان ڇڪي وٺ تہ شڪارپور موٽي هلون.

مون روميلا ٿپر جو نهايت دلچسپ ڪتاب ’انڊيا‘ پڙهيو هو، جو هوءَ مڪمل نہ ڪري سگهي هئي ۽ سندس مڙس راج ٿپر هن جي موت کان ڪيئي سال پوءِ اهو ڇپايو هو. (خشونت سنگهہ لکيو آهي تہ راج ٿپر هن کي ان وقت پناهہ ڏني هئي، جيستائين اندرا گانڌيءَ جي قتل کان پوءِ دهليءَ ۾ سکن جو قتل ۽ غارتگري پوري ٿي هئي.)

ها ڏس، زرينا! هو ڇوڪرا هاٿي ڪوڏي ڪوڏي ڪري رهيا آهن، پر هيءَ کهڙي وينگس اچي نڪتي آهي؟ پرت ۽ ٽڪ جي ڪم واريون رليون وڪٽي رهي آهي. ڪجهہ ڪڪرن وارا بہ پڙا اجرڪ بہ اٽس. ائين ٿو لڳي تہ آسمان مان ٽِڳائي آئي آهي. انهن تي ڪيرل لڳل نہ آهي. رلين تي ٽڪنڊا ۽ چؤڪنڊا ٽڪر ڪپي ڳنڍيا اٿائين. چاريءَ وارا اڳٽ بہ اٽس ۽ انهن تي جنجيرا رکيا اٿائين. هن ڪي ست رنگي ۽ سوسيءَ جو لباس پيو آهي، جنهن تي ڪچ ڪوڏين جو ڪم ٿيل آهي. هن جي ننڍي پٽ ڪي ڪاون واري ٽوپي پئي آهي. وينگس ڪي جهانءِ سان نٽ پئي آهي، هئي جڻ ريمبران جي ڪنهن تصوير جو فريم پيجي، ان مان نڪري آيا آهن. ايتري ۾ هڪ ڇبي وارو ٿو اچي، جنهن ڪي ڇبي ۾ بسڪٽ، نان ڪتايون، ننڍا ڪيڪ، ٽِڪڙن وانگر بسڪوٽ، ريوڙيون، گلاب جي پاٽيءَ جي خوشبوءِ واريون، ڳڙ ۾ ٿهيل پڳڙن، ترن ۽ چانورن جون لايون ۽ بوٽيندا، سگر جون چڪيون، بادامين يا ڪاجن وارا نقل، ڪنڊ ۽ پڳڙن وارا نقل، ڳڙ جي گجڪ، بيسڻ جو سگر، سنهو ۽ ٿلهو گبت (گهيبت)، مصريءَ جا ڳنڍا، وڏا ۽ ننڍا پتاشا آهن. اسان پيٽ پري ڪائيندا هئاسون. زرينا ٽڏو ساهہ پري چيو: ”دنيا ڪيئن نہ پلٽو ڪائي وئي آهي. نہ رڳو شين مان ميناج نڪري ويو آهي، پر ماڻهن مان بہ نڪري ويو آهي. ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس ٿو ڪائي. تون تہ سياست ڇاڻين. هي اسان جي تهذيب سان ڦهر ڪنهن ڪيو آهي؟“

گنو مائي واري ۽ مصالحي واري قلفي ۽ ڪيئي سُڪل ميوا وجهي، لوهہ جي ڪاري ٿال ۾ رکي، هٿ مان ٻاهر نڪتو آهي. هڪ هندو ٻهہ اوباري مٽ ۾ ڪٽي آيو آهي. منهنجا پئسا ڪپي ويا آهن تہ زرينا مون ڪي ٻهہ وٺي ڏئي تي. گيڙي، گهورڙيو ڪورين جي پاڙي ڪان ٿورو پريرو رهندو هو اهو ڇبي ۾ شڪارپوري ڪيلا، ڪُمر ٻوراني، ڪارڪون، خشيون، لوڙهہ، ڪيروليون وغيره ڪٽي آيو آهي. هو ڇبو مُوڙي تي رکي شيون وڪٽي ٿو. جڏهن ڇبو مٿي تي رکي ٿو ۽ موڙو ڪچ تي ڪٽي ٿو تہ اسان جا ڪي شرير مائٹ، هن جي پٺيان بيهي ٻوراٽين جا ڳنڍا ڪٽي وٺن ٿا تہ هن ڪي پتو ئي نہ ٿو پوي. گيڙي منجهند جو ميوو ڪٽي ايندو آهي.

وري شام جو ڇبي تي رڌل مڱن جي دال، ڪچالو اوٻاريل پٽاٽا، پيندبيون، چولا، پاپڙ ۽ چٽڻيءَ جو چاڏو ڪٽي ايندو آهي. شام جا ڇهہ وڃندا

آهن تہ ڪوئي گهورڙيو ڪپڙي جي پٽيءَ ۾ ويڙهي آئسڪريم ڪٽي ايندو آهي. ٻيو گهورڙيو در تي رڙي خشي لال ڇهارا پتل جي ٿال ۾ ڪٽي ايندو آهي. انهن تي چانديءَ جا ورق لڳل هوندا آهن.

پڌر ۾ ڪرسيون پيون هونديون آهن. اتي بلو پٺو سيخ ڪباب پچائيندو آهي ۽ ڪيرٽيءَ جون ڊڪٽيون پري رکندو آهي، هندو تہ ان پوَ کان ڪباب نہ کائيندا آهن تہ متان ڳئونءَ جي گوشت جا هجن. اسان ايتريون شيون کائيندا آهيون، جو رات جو ورلي ماني کائيندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن جڳوءَ کان ساڳ وٺي چانورن سان کائيندا آهيون يا گوبندي کان کير جي ملائي يا ربڙي وٺي کائيندا آهيون. اهي ماڻهو ڪي هيمنگ وي يا آرٿر ڪوئلر تہ ناهن، جو انهن جا نالا ڏيان، پر اهي منهنجي 'مان' جو حصو ٿي ويا آهن ۽ انهن جي جاءِ نہ سمرسيٽ ماهم پري ٿو سگهي، نہ برٽراندرسيل. اهي عام ماڻهو جن ڪي پنهنجي انفراديت هئي، جا هر فسلفي ۽ ادب کان وڌيڪ اهميت ٿي رکي، ڇو تہ اها منهنجي ماضيءَ جو اڻٽوٽ انگ آهي.

"شڪارپور ۾ هاٽي تہ شام جو راڪاس ڦري ٿو وڃي. ان ڏينهن منهنجي ڀاڻيجيءَ کي پستول ڏيکاري ڪي شاهينگ هن جا ايرينگ لاهي ويا. اسان واري زماني ۾ ساري رات گهر جا در کليا پيا هوندا هئا. چوريءَ جو ڪو خطرو نہ هوندو هو."

بمبئي روز ووڊ هوٽل ڇڏي، جنهن شخص وٽ اسان پهريون رهيل هئاسين، اهو منهنجو دوست نند جُويري، اصل شڪارپور جو آهي. هو جڏهن ويزا وٺي پاڪستان آيو هو، تڏهن شڪارپور جي رستي تي پنهنجي بوٽ جو آواز ٻڌي، هن جي دل ٻڏي ٿي وئي. موٽي هن شڪارپور جي ساروڻين تي نظم لکيا هئا. زرينا، نند جي زال چندا سان ڳالهيون ڪري رهي هئي تہ نند مون کي چيو: "تو ڪالهہ منهنجا شڪارپور جي باري ۾ نظم پڙهيا آهن، جي توکي اهي پسند آهن تہ مون کي انهن تي مهاڳ لکي ڏي. نند جي ڪمري جي وڏي دري سمنڊ ڏانهن کلندي هئي. مون اها کولي ڇڏي ۽ ان جي پرسان ميز رکي سمنڊ ڏانهن ڏٺو ۽ اڌ ڪلاڪ ۾ هن کي مهاڳ لکي ڏنم، جو هن جي ڪتاب ۾ ڇپيو آهي. نند لاءِ شڪارپور پريتما بہ هئي، ماتا بہ هئي ۽ ان جو افسوس ناڪ حال ڏسي، هن جي هانوَ ۾ ود ٿي پيا. ڌرتيءَ سان ايترو پيار مون

ورلي ٻئي ڪنهن ۾ ڏٺو هوندو. ان وقت منهنجو دوست مشهور ڪهاڻي نويس، شيام جئسنگهاڻي بہ وينو هو جنهن تي ۽ سندس زال تي مان پوءِ لکندس، جڏهن ’شاهہ سچل سامي‘ سيمينار تي لکيم. شيام مهاڳ پڙهي چيو: ”مون بہ ساڳي ڳالهہ سوچي هئي.“

اسان جي پاڙي ۾ هڪ گنگا نالي هندواڻي رهندي هئي، جنهن کي نہ ڄاڻان پاڙي وارا گنگي ڇو سڏيندا هئا. اها ٻئي ٽئين ڏينهن اسان جي گهر ايندي هئي ۽ هندستان ۾ ويجهڙائيءَ ۾ ڪنڀ جي ميلي جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. هوءَ ٻڌائيندي هئي تہ ڪنڀ جو ميلو هندن جو وڏي ۾ وڏو ڏڻ آهي، جيڪو الهہ آباد (هاڻي پرياگ) ۾ ٿيندو آهي. جتي هر ٻارهين سال ڪروڙين هندو ايندا آهن ۽ سنگم وٽ گنگا اشنان ڪندا آهن. سنگم اها جاءِ آهي، جتي گنگا ۽ جمنا نديون پاڻ ۾ ملنديون آهن. هڪ ٽين ندي سرسِوَتي بہ سنگم وٽ اچي ساڻن ملندي هئي، پر هاڻي ان جو نانءُ نشان بہ ڪونہ آهي.

مـون پـنهنجي آپـيرا ’پـگت سنگهہ کي ڦاسيءَ‘ ۾ لفظ ’گنگا‘، ’جمنا‘ ۽ ’سرسِوَتي‘ گنگيءَ جون ڳالهيون ياد ڪري لکيا هئا. هوءَ وهيءَ کان مٿي چڙهي چڪي هئي. نڪ ۾ ڏانوٽيءَ واري نٿ ۽ ڦلڙين وارو ڇيٽ جو پڙو پائيندي هئي. هوءَ پڙهيل ڳڙهيل هئي ۽ بابا وٽ ايندي هئي. مان جڏهن پهرين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن پنهنجي استاد ڪيئل داس فانيءَ کان ڪنڀ جي ميلي جي باري ۾ تفصيل معلوم ڪيا هئا. هن ٻڌايو هو تہ ڪنڀ، دِلي، ٿانوَ يا سمانڊ کي چوندا آهن. مون کي ان وقت ياد آيو تہ جڏهن مان سنڌيءَ جي پهرئين يا ٻئي ڪلاس ۾ پڙهندو هوس، تڏهن شڪارپور جي ارگرد وڏي ٻوڏ آئي هئي. (ان جو تفصيلي ذڪر مان پوءِ ڪندس) ۽ اسان جي زمين ۾ وڏو ڪنڀ ڪري وئي هئي. جنهنڪري اسان جي ڪجهہ زمين بيڪار ٿي پئي هئي. ڪنڀ جو ميلو برهما جي باري ۾ هندڪي ڏند ڪٿا کي ملهائڻ لاءِ ڪندا آهن. برهما، جنهن هندو ڌرم موجب ساري سرشٽي پيدا ڪئي هئي، پنهنجي سمانڊ ۾ آدي ساگر تي وينو هو. جڏهن هن جي اک کلي تہ هن سرشٽيءَ جي رچنا شروع ڪري ڏني هئي. ديوتائون ۽ دئيت بہ ان ڪم کي پورڻتا تي پهچائڻ لاءِ ساگر کي ولوڙڻ لڳا ها. سڀ کان اول اهو امرت جو ٿانءُ هيو جنهن مان پيئڻ سان هر ڪو امر ٿي

ويو. دئيت اهو ٿانءُ ڪٿي ورتو پر اِندر جي پُٽ، جنهن جي آڪاش تي راڄ ڏاني هئي، سو ٿاڪرو ڪانوَ جهڙو روپ ڌاري، ڌرتيءَ تي اڏري آيو ۽ دئيت کي ڀڄائي ڪڍيائين. ڪي ڇوَن ٿا تہ پنهنجي انهيءَ اڏار ۾ هو چئن جاين تي ترسيو جن مان هڪ پرياگ يا الهہ آباد بہ هئي. ٻيا چوَن ٿا تہ امرت جا ڦڙا چئن جاين تي ڪِريا. اندر جي پٽ کي سرڳ ڏانهن ورڻ ۾ ٻارنهن ڏينهن لڳا. هندو ڏند ڪٿا موجب ديوتائن جو هڪ ڏينهن مِرتيو لوڪ جي ماڻهن جي ٻارنهن سالن جي برابر آهي. ڪنڀ جا ميلا ٻارنهن سالن ۾ چئن جاين تي لڳندا آهن. پرياگ (الهہ آباد) وارو ميلو سڀني ميلن ۾ اهم آهي. هر ڏند ڪٿا وانگر هن ڏند ڪٿا ۾ بہ پورڙا ۽ ويسوڙا اعتبار رکي سگهن ٿا. پر پوءِ بہ ان ميلي تي ڪروڙين ماڻهو اچن ٿا. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ اتي هندو سڌارڪ ۽ فيلسوف شنڪر آچاريہ انين نائين صديءَ ۾ آڪاڙا ٺهرايا هئا، جي خانقاهن وانگر هوندا هئا. جتي ڪٽر ۽ ويڙهاڪ ساڌو رهندا هئا. آڪاڙي جي رسم هن ٻڌ ڌرم کان ورتي هئي، ڇيتوٽيڪ اتي ٻڌ ڌرم ختم ٿي رهيو هو.

مون کي ڪڏهن ڪڏهن هندو ديو مالا ڏاڍي وڻندي هئي، جيئن تہ: ”ڪامديوَ جي سينگ کي پنج ٻاڻ هوندا آهن. سينگ ڪمند جي ڇڙيءَ جي هوندي آهي. سينگ زِهہَ تي ماکيءَ جي مکين جي قطار هوندي آهي.ٻاڻ جي ڏانديءَ سان ڪنول جا گل هوندا آهن.“ مون انهن ڏند ڪٿائن مان، پنهنجي شاعريءَ ۽ نثر ۾ بہ استفادو ڪيو آهي، نہ تہ گهٽيون ڏند ڪٿائون ضعيف الاعتقاديءَ جو شڪار هونديون آهن ۽ اهي يوناني ڏند ڪٿائن وانگر ادب ۾ استعمال ڪونہ ٿينديون آهن.

هاڻي جڏهن بابا جي ڳالهہ نڪتي آهي، تڏهن مان هن تي ڪجهہ لکڻ چاهيان ٿو. مون کي هن جي صورت ياد اچي ٿي، هُو ان وقت سٺ ورهين جو هو. وچولي قد ڪاٺ جو ۽ بدن جو سنهو منهن گندمي رنگ جو، ٽري پيس گرم سوٽ جي مٿان اوورڪوٽ، مٿي تي ڪنهن زريءَ پريل خلي (ڪُلي) تي ريشمي پڳ، هٿ ۾ لوهي ڇڙي، لارڊ ڪچنر وانگر مڇون، پيرن ۾ اوني جورابا ۽ چمڙي جو ولائتي بوٽ. جيڪڏهن سردي تيز هوندي هئي تہ هٿن ۾ اوني دستانا پائيندو هو. ڪوٽ جي مٿئين کيسي مان نڪتل رومال ۽ کيسي جي اندر واچ پيل هوندي هيس. اهو منهنجو پيءُ شيخ غلام حسين، جو خود

شيخ بنگل جو پٽ هو جيڪو ميونسپل ڪائونسلر هو. هو لا ايجنٽ هوندو هو جو بئريسٽر ڪان ڪجھ گهٽ ڇاتو ويندو هو. هو اڪثر بمبئيءَ ويندو هو ۽ بئريسٽر ملا ڪي ڪيسن جي ذميواري سونپيندو هو ۽ ڪيس سارو ڪيس تيار ڪري ڏيندو هو. بمبئيءَ مان گوا بہ ويندو هو ۽ پاڻ سان گوانی شراب جون ڪيئي خوبصورت بوتلون آڻيندو هو. خالي بوتلون منهنجي ماءُ سجائي رکندي هئي. گواني شراب جو ذڪر مان گواني پس منظر ۾ ڪندس.

اسان جي گهر وٽان گهٽي ويندي هئي، جنهن جي هڪ پاسي ڪاڪڙن جو ٿلهو هوندو هو ۽ ٻئي پاسي ننڍي بازار جا وڏيءَ بازار تي ڪٽندي هئي ۽ اها وچي ڍڪ بازار ۾ پوندي هئي. ننڍي بازار ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ جهونو پپل جو وڻ هوندو هو جنهن پرسان هڪ هندو جوتشي رهندو هو جو بابا جو دوست هو. بابا جو جوتش ۾ ڏاڍو اعتبار هوندو هو. منهنجي جمر کان پوءِ يڪدم هن وٽ وڃي منهنجي جنم پتري ٺهرائي هئائين، جا مون وڏو ٿي ڏٺي هئي ۽ جا ڪنهن ڳاڙهي ڪپڙي جي پوش اندر ڍڳهن پنن تي هنديءَ ۾ لکيل هئي. جڏهن مان ٿورو وڏو ٿيس، تڏهن بابا مون کي ٻڌايو هو تہ جوتشيءَ هن ڪي منهنجي باري ۾چار ڳالهيون خاص طور تي ٻڌايون هيون:

1. هي چڙهندڙ سج وقت ڄائو آهي، اُن ڪري هن ۾ غصو گهڻو ٿيندو.
2. علم لاءِ ديوانو هوندو ۽ جتي هن کي ملندو اُتي ان جي تلاش ڪندو.
3. کيس سفر جو شوق ٿيندو ۽ ولايت جو سفر بہ ڪندو.
4. ساري عمر پئسو هن جي ڪڍ رهندو ۽ هي پئسي جو محتاج نہ هوندو.

تن ڏينهن ۾ شڪارپور مان ڪوئي مسلمان ولايت نہ ويو هو، سو بابا کي ان ڳالھ تي اعتبار نہ آيو. پر چيائين تہ ڪيئن چئجي، اها ڳالھ بہ سچي نڪتي. علم جي تلاش ۽ سفر جي شوق واري ڳالھ هن کي ڏاڍي وڻي، ڇوتہ کيس بہ اهڙي تلاش ۽ اهڙو شوق هوندو هو. مون کي هن جي پيري ياد آهي، جڏهن مان پهرين درجي انگريزيءَ جو امتحان ڏئي موٽي آيو هوس، ان کان ڪجھ ڏينهن پوءِ هو گذاري ويو. هن سڪرات جي عالم ۾ اکيون پٽي مون کان پڇيو: ”بابا، تون ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو آهين؟“ جڏهن مون چيو: ”هائو.“ تڏهن هن هميشہ لاءِ اکيون پوري ڇڏيون ۽ وڃي انسان ذات جي اڪثريت سان مليو.

بابا اٺ ڏهہ سوٽ بمبئيءَ مان سبائي آيو هو ڇو تہ اتي بئريسٽر مُلا کي ڪيسن ۾ وڪيل ڪرڻ ويندو هو ۽ ان وقت سنڌ بمبئيءَ جو حصو هئي. هن کي بہ ٽي ڀيرا سياري ۾ نمونيا ٿي پئي هئي ۽ جڏهن سيءُ شروع ٿيندو هو تہ هو اُهي اوني ڪپڙا پائيندو هو. مون کي هڪ پراڻي منشيءَ عبدالغفور دائي ان باري ۾ بابا جي خوش طبعيءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ هو بابا سان فريئر هال ۾ سير ڪري رهيو هو. بابا کي ٽري پيس سوٽ ۽ اوور ڪوٽ پيو هو. عام ماڻهوءَ کي ايتري سردي نہ پئي ٿي. جڏهن ڪجهہ پارسي ڇوڪرين بابا کي ڏنو تہ ٺهڪ ڏنائون، جنهن تي منشي عبدالغفور بابا کي چيو: ”چاچا ڏسين ٿو هي ڇوڪريون توتي کلن ٿيون.“

بابا جواب ڏنو: ”غفور کلڻ ڏين، خدا جا گُل آهن، ٽڙندا رهن تہ چڱو.“

ٻئي ڀيري بابا پاڙي جي پڊر ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ بلغاري حقو پي رهيو هو جنهن جي نڙ ۾ چانديءَ جا ڇلا پيا هئا. پرسان بہ ٽي مُوڙا بہ آئي وئي لاءِ رکيا هئا، جن مان هڪ تي آءٌ ويٺو هوس. ميونسپالٽيءَ جي بتيءَ تي سنڌيءَ ۾ قصو ’گل با صنوبر چہ ڪرد‘ پڙهي رهيو هوس تہ ايتري ۾ شيخ ساز علي ’ساز‘ اچي نڪتو جيڪو بابا جي سئوٽ جو پٽ هو. هو سي ائنڊ ايس ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر ۾ پڙهندو هو ۽ شڪارپور جي مشهور شاعر آغا صوفيءَ جو شاگرد هو. هن منهنجي هٿ مان ڪتاب وٺي ڪجهہ پڙهيو ۽ پوءِ مون کي ڪتاب موٽائي ڏئي، بابا کي چيائين: ”چاچا، هي هن عمر ۾ ٿي عشق جا قصا ٿو پڙهي!“

”پٽ نيٺ تہ ڪرڻو اٿس.“ بابا مختصر جواب ڏنو. ڪيترو نہ سچو نڪتو اُهو جواب! ساز علي ساز پوءِ فوج ۾ ميجر ٿيو ۽ برما ۾ هيو جڏهن سباش چندر بوس، جپانين جي مدد سان انگريزن کي اتان ڌڪي ڪڍيو هو.

مون کي هر عشق ۾ مات يا جيت وقت اُن ڪتاب جو نالو ”گل با صنوبر چہ ڪرد“ (گل، صنوبر سان ڇا ڪيو) ياد ايندو رهيو آهي. مون جارج برنارڊشا جي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ: ”صنفِ نازڪ لاءِ ڪشش، جيتوڻيڪ انسان ذات جي آدمشماريءَ برقرار رکڻ لاءِ ضروري آهي، پر ان جو محبت سان ڪوئي تعلق نہ آهي.“ ڪيترا ڀيرا عورت جي خوبصورتيءَ مون کي ڌوڪو ڏنو آهي.

مان جڏهن ٻئي درجي سنڌيءَ ۾ پڙهندو هوس تہ بابا مون کي

پوڪرداس ائنڊ سنس نالي ڪتاب گهر مان ’گل با صنوبر چہ ڪرد‘، ’امير حمزي جو داستان‘، (چار حصا)، ’حاتم طائيءَ جو قصو‘، (چار حصا)، ’الف ليليٰ جو قصو‘ (جيڪو غالباً رچرڊ برٽن جي ڪتاب مان ترجمو هو) ’چندر ڪانتا‘ (اناويهہ حصا) خريد ڪري ڏنا هئا. مون اهي پندرنهن ڏينهن ۾ پڙهي پورا ڪيا هئا ۽ بابا کي چيو هو تہ: ”هاڻي ٻيو ڪتاب وٺي ڏي“ بابا مون کي پوڪرداس جي دڪان تي وٺي هليو هو ۽ هن کي چيو هئائين: ”هن سنڌي قصا تہ پورا ڪري ڇڏيا، هاڻ هن کي اردوءَ ۾ ڪي سراغ رسانيءَ جا ناول ڏي، تہ مان هن کي اردو سيکاريان.“

پوڪرداس وٽ اردو ناول ڪونہ هئا، ڇوتہ ان وقت بابا کان سواءِ شڪارپور ۾ اردو پڙهندڙ ٻيو ڪوبہ نہ هو. پوڪرداس هڪ سنڌيءَ ۾ ضخيم ناول ڏئي چيو تہ: ”سائين، هي ماڻهن کي ڏاڍو وڻيو آهي.“ اهو ناول ڏاڍو دلچسپ هو. مون ٽي راتيون جاڳي ساندهہ پڙهيو هو. اهو روس جي زار شاهيءَ خلاف پولينڊ جي قوم پرست انقلابين جي بغاوت جي باري ۾ هيو ۽ ڪنهن انگريزي ناول تان ترجمو ڪيو ويو هو. پوءِ بابا مون کي دليءَ مان اردو ۾ ’طلسم هوشربا‘ ۽ ٻيا ڪيئي سراغ رسانيءَ جا ڪتاب گهرائي ڏنا هئا، جنهن ۾ اهم ڪردار شرلاڪ هومز ۽ ڊاڪٽر واٽسن ها. پر مون کي پوءِ پتو پيو تہ اهي ڪتاب سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ٿيل هئا. منهنجي زال جو مامو واجد علي شيخ ڪافي پوءِ علي ڳڙهہ مان لا گريجوئيٽ ٿي آيو هو ۽ پاڻ سان ڪيئي اردو ڪتاب ۽ رسالا آندا هيائين. ان دؤر ۾ منهنجي زال جو سؤٽ ادا اختر بہ علي ڳڙهہ مان موٽيو هو ۽ پاڻ سان اردو ڪتاب ۽ رسالا آندا هئائين. جيتري قدر مون کي يادگيري آهي تہ انهن وٽ ’عالمگير‘، ’نيرنگِ خيال‘، ’خيام‘، ’دين و دنيا‘، مولانا ابوالڪلام آزاد جا ’الفلاح‘ ۽ ’الهلال‘ رسالا هوندا هئا. انگريزيءَ ۾ مولانا محمد عليءَ جو هفتيوار ’ڪامريڊ‘ بہ ايندو هو. هونئن تہ هنن وٽ ’ساقي‘، ’ادبي دنيا‘ ۽ جوش مليح آباديءَ جو ’ڪليم‘ بہ ايندا هئا، پر شايد اها پوءِ جي ڳالهہ آهي. بابا جي بہ عجيب سرگذشت هئي، جا هو حقي جو وزم هٽي ٻڌائيندو هو. پيريءَ ۾ هو هڪ عزت پسند انسان هو پر هرويرو مردم بيزار نہ هو. باقي مون ٻڌو آهي تہ جوانيءَ ۾ ڪافي وجيهہ هو ۽ اک سان اڏامندڙ پکي ڇُٽي سگهندو هو. بابا ڪنهن مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ سرشتيدار هو ۽ جيڪي بہ قانوني ڪتاب گورنمينٽ پريس

سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي ڇپايا هئا، انهن جو غور سان مطالعو ڪري چڪو هو ۽ ڪيس ڪيئي قانوني فقرا ياد هوندا هئا. هڪ ڀيري هن جو مئجسٽريٽ سان تڪرار ٿي پيو ۽ غصي ۾ ڪيس گهٽ وڌ ڳالهايو هئائين ۽ توهين عدالت جي مقدمي جي خوف کان هندوستان هليو ويو هو. هو ڪافي سال حيدرآباد دکن ۾ رهيو هو، جتي اردوءَ ۾ هندوستان جا لا رپورٽر مطالعو ڪيو هئائين. هو نہ رڳو دهلي، ديرادون، لکنؤ ۽ الله آباد ۾ رهيو هو پر راجستان ۾ بہ ڪافي وقت گذاريو هئائين. اتي هن کي اٺ سواريءَ جو شوق پيدا ٿيو. ان وقت شڪارپور ۾ صرف بہ موٽر ڪارون هيون، جي ريل جي انجڻ وانگر دونهون ڪڍنديون ويندون هيون. اهي ٻئي هندو واپارين جون هونديون هيون، جن مان چندر ڀان کان، ڪڏهن بابا موٽر ڪار وٺندو هو. بابا اُٺ لاءِ سچيءَ زريءَ سان ڀريل جُهل راجستان مان آندي هئي. اسان سندس وفات کان پوءِ، پندرهين سوين تہ فقط ان جي زري وڪي هئي. ان وقت جا پندرنهن سئو اڄ جي پنجاهہ هزار جي برابر هوندا هئا، ڇو تہ ان وقت رپئي سير سڳداسي چانور ملندا هئا، جي هاڻي ڇويهن رپئي بہ نہ ٿا ملن.

اٺ جي پاکڙي تا ٺاهوڪي اُکر ڪرائي، ان تي چانديءَ جا پڙچ بہ هڻايا هئائين ۽ ان جا جهاٻا بہ من ڀاوٽا هئا ۽ اٺ جي پيرن ۾ چانديءَ جا گهنگهرو هوندا ها، جي چمڪندا ويندا هئا. آواز ٻڌي پريان ئي ماڻهو سمجهي وٺندا ها تہ شيخ غلام حسين ٿو اچي.

بابا ٽي شاديون ڪيون. هڪ پنهنجي برادريءَ جي عورت سان، ٻي ڪڙئي نواب خان جي ڪنهن سنڌي پناڻيءَ سان ۽ ٽين منهنجي ماءُ سان. چوندا هئا تہ هن جي ٻي نوجوان زال نهايت خوبصورت هوندي هئي ۽ هن جي پهرينءَ زال بيگم ڪيس زهر ڏئي ماري ڇڏيو هو. ان ڪري بابا، بيگم کي طلاق ڏني هئي ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ منهنجي ماءُ سان شادي ڪئي هئائين. منهنجي ماءُ هڪ هندو وڏوا هئي، جا آنربل علي بخش جي جاءِ جي ڀرسان رهندي هئي. آنربل علي بخش هندوستان جي ڪائونسل آف اسٽيٽ جو ميمبر هو. مون هن کي فقط هري ولڀ سئنيما ڏانهن ويندي، پنهنجي اوطاق ۾ پسار ڪندي ڏٺو هو. هو شڪارپور ميونسپل جو پريزيڊنٽ بہ رهيو هو.

هڪ ڀيري منهنجي ماءُ، بابا وٽ ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ آئي تہ هن جو ڪوڙڪيءَ ۾ پير ڦاسي پيس. منهنجي پيءُ سان هن جي نڪاح جي

ڳالهہ اجا هلي رهي هئي تہ ذري گهٽ هندو مسلم فساد ٿي پيو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هندو سيٺ، جيڪي بابا جا بہ واقف هئا، جهيڙي ٽارڻ لاءِ منهنجي ماءُ کي لاڙڪاڻي ماڻٽن ۾ چڙهي آيا. پر لوح قلم جي لکئي کي ڪير ٽومِٽائي سگهي! قسمت جي ڦرهي ميساربي ناهي.

ٻئي ڏينهن راتوواهہ منهنجي ماءُ ريل رستي، لاڙڪاڻي مان شڪارپور منهنجي پيءُ جي گهر هلي آئي. شهر ۾ ڏاڍو تاءُ ڏسي هندو چپ ٿي ويا. خاص ڪري آنربل علي بخش جي چوڻ تي، جنهن جي بابا سان پاڙيسري هئڻ ڪري چڱي واقفيت هئي ۽ ساڻس همدردي بہ هئي. بابا راڻي پور جي پير صالح شاهہ جو بہ مريد هو جو هڪ نهايت لائق انسان هو.

بابا هندستان مان پاڻ سان اردوءَ ۾ لا رپورٽر ۽ ٻيا قانون جا ڪتاب بہ آندا هئا. انهن سان گڏ 'ديوان حافظ'، 'رباعيات عمر خيام'، 'ديوان غالب'، بيخود دهلويءَ جي شرح سان، 'فيروز اللغات' ۽ 'جامع اللغات' بہ آندا هئائين. هن جو آندل 'ديوان حافظ' اردو ترجمي سان اجا منهنجيءَ لائبريريءَ ۾ موجود آهي. حيرت آهي تہ هن جي ڪتابن ۾ 'ڪليات جعفر زٽلي' بہ هو جو هڪ دلچسپ ڪتاب هو ۽ جنهن جو نالو اردوءَ جي اديبن بہ ورلي ٻڌو هوندو.

بابا جڏهن بمبئيءَ ويندو هو تڏهن هن جي هڪ رقاصا نيلم سان آشنائي ٿي هئي. ان ڪري بابا منهنجي ڏُهر تي رقص لاءِ نيلم ٻائيءَ کي گهرايو هو ۽ پير صالح شاهہ جي اوتاري (سائينءَ جي اوتاري) تي هڪ خاص ڪمري ۾ رهايو هئائينس، جتي تي چار ايراني قالين پٿاريا هئائين. انهن تي هالا جي جنديءَ جو پلنگ ۽ پينگهو رکايو هئائين. ڇت ۾ هڪ ريشمي ڪپڙي جي جهلي بہ هڻائي هئائين، جا هر وقت هن جو نوڪر ڇڪيندو رهندو هو. بابا هڪ بگين جي قطار بہ ڪڍائي هئي، جنهن ۾ زالن ۽ مردن کي شڪارپور جا اٺ ئي دروازا گهمائي آيو هو. ان ۾ مشڪي ۽ سنجاف گهوڙن جي ڏُڙڪي چال ڏسڻ جهڙي هئي. جلوس ڪڍڻ کان هڪ ڏينهن اڳ انهن گهوڙن کي ڄَوَن جا توبرا پيري کارايا هئائون.

نيلم ٻائي ڏاڍي خوبصورت هئي. هن کي ڪنن ۾ جهومڪ، سونو گلوبند، سونا بازو بند ۽ ڪنگڻيون پيون هيون. پيرن ۾ سوني ڇير بہ پيل هئس. هوءَ ائين پئي لڳي، ڄڻ راجستان جي ڪنهن پينٽنگ مان نڪري

آئي هئي. هن ناچ ائين ٿي ڪيو جيئن ڏوڙيءَ جي ڌڻ تي اتر واءُ ۾ پن ڦرندا آهن. مون کي ان وقت موسيقيءَ جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي، پر ڪي تماشبين چون پيا تہ هوءَ سارنگيءَ تي ’نت پيرو‘ ڳائي رهي آهي. مان هن وٽ صبح کان شام تائين ويٺو رهيس ۽ هن مون کي ماني بہ پاڻ سان کارائي هئي، جا بابا هن لاءِ موڪلي هئي. پلاءُ، پُڳل گوشت، نان ۽ چانورن جو زردو. مان جڏهن هن جي ڪمري مان نڪتو هوس تہ سرءُ جي ڀڄهنڊي ۾ سج هڪ ٻڍي سودخور وانگر ڏسي رهيو هو تہ ان وٽ ڪو سون چاندي بہ رهيو آهي يا نہ! وري جڏهن رات جو ويو هوس تہ آسمان مان بوندا باندي ٿي رهي هئي تہ هن ”گهر آئي بدروا ڪاري“ ڳاتو هو تہ هن جي اکيان رپين جو ڍير ٿي ويو هو. اوچتو پاڙي ۾ هُلي ويو تہ بابا نيلم سان شادي ٿو ڪري . پاڙي جي هڪ پوڙهيءَ اچي منهنجي ماءُ کي چتاءُ ڏنو تہ مڙس هٿان ٿو نڪري وڃئي.

جيستائين دير سان رات جو بابا گهر اچي، تيستائين هُن جاڳي مون کي ۽ منهنجي ڀيڻ کي لوڪ ڪهاڻيون ٿي ٻڌايون. بابا آيو مس تہ هوءَ اوڇنگارون ڏئي رئڻ ۾ ڇٽڪي، ڄڻ ڪنهن زخمي ڪبوتريءَ جيان ڦٿڪي رهي هئي ۽ بابا کي چيائين: ”مون تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ ڇڏيو گهر ٻار، پاڙو اوڙو جاٽ جمات، ڏرم پوڙهي امڙ. ڪاتائو پائر. سڀ تنهنجي لاءِ ڇڏيم. تون مون کي اهو نتيجو ٿو ڏين.“ پوءِ هوءَ ڊڊڪرا ڏئي روئڻ لڳي.

”ڪهڙو نتيجو ٿو ڏيانءِ؟“ بابا هن کان نرميءَ سان پڇيو.

”تون نيلم سان شادي ٿو ڪرين. انهيءَ بازاري زائفان سان.“ امان چيس.

بابا کيس ڳراٽي پائيندي چيو: ”توکي ڪنهن غلط ٻڌايو آهي.“ پر امان کي تيسين اعتبار نہ آيو ۽ ٻئي ڏينهن تائين روئندي رهي، جيستائين نيلم رات واريءَ گاڏيءَ ۾ بمبئيءَ هلي وئي. ها بابا ڪيترو وقت اها سٽ جهونگاريندو رهيو هو: ”عاشق پسڻ لئہ آيو محبوب گل سناسي.“ پوءِ بابا وفات تائين وڏي شيشي ۾ مڙهيل نيلم جو فوٽو اسان جي گهر جي ديوار تي لڳائي رکيو. بابا جي وفات کان ڪجهہ پوءِ، امان اهو فوٽو ابتو ڪري ٽنگيو هو پر لاٿو نہ هئائين.

بابا پنهنجي ڪمائيءَ مان خوبصورت جاءِ ٺهرائي، جنهن ۾ مشهور مغربي مصورن جي تصويرن جا اتارا شيشي ۾ مڙهائي، هال جي چوڏاري ڪاٺ جي مضبوط پٽيءَ جي ٽيڪ ڏئي، ديوار تي ٽنگيا هئائين. معلوم نہ

آهي تہ اهي اتارا بمبئيءَ مان آندا هئائين يا شڪاپور مان ورتا هئائين، ڇو تہ شڪاپور ۾ نيوند حلوائيءَ جي پرسان بہ تي دڪان هوندا هئا، جتان اهي ملي سگهندا هئا. مون کي هاڻي ياد اچي ٿو تہ انهن ۾ هسپانوي مصور گويا (Goya) جي تصوير 'ننگي ماجا' (Naked Maja) بہ هئي. مان پانيان ٿو تہ هسپانوي زبان ۾ 'ماجا' عورت کي چوندا آهن. باقي مون کي اها خاطري آهي تہ بجليءَ جا جهاز هن بمبئيءَ مان آندا هئا. هن جي ستر ايڪڙ زمين ديهہ لوڏا، تعلقي سلطان ڪوٽ ۾ هئي، جتي هن ڪجهہ وڻ پوکايا هئا ۽ هڪ ننڍو سنگ مرمر جو تلاءُ ٺهرايو هو جنهن جي ڇپري مٿان ڪاريءَ ڏاک جون وليون هٽايون هئائين. ڇُڙئي پاڻيءَ جي منڊ ۾ هو ان تلاءَ کي پاڻيءَ سان ڀرائيندو هو ۽ ايترو نفاست پسند هو جو وهنجڻ مهل ڏبل گهوڙو بوسڪيءَ جو انگوشو ٻڌندو هو ۽ ميٽ ۾ ليمي جا پن وجهرائي ڇڏيندو هو. ڪلاڪ ڏيڍ اهو ميٽ لائي، پوءِ وهنجندو هو. بابا کي صابڻ سان چِڙ هوندي هئي. اونهاري ۾ هو منهنجي ماءُ کي بار بار ياد ڏياريندو هو تہ هو هٽن پيرن تي مينديءَ سان گل ڪيڍي ۽ لکي در تان هن لاءِ رابيل جون ڪنڊيون، موتيءَ جي ڪلفي ۽ پنهل علي شاهہ جا ڍير سارا ڪباب ۽ نان وٺي ايندو هو جي اسان رات جو کائيندا هئاسين. هو ڪئنچي ڇاپ سگريٽ بہ پيئندو هو جي ان ڏينهن ۾ ماٺهو شوق سان پيئندا هئا. باقي پان کان هن کي نفرت هئي. جڏهن ڪوني تي ڪٽ وجهندو هو تہ گلاب دانيءَ سان ڪٽ جي چوڏاري گلاب جي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن خس جو عطر بہ لائيندو هو جو هن کي وڻندو هو. اسان جي گهر ۾ هيٺ لوهي سيخن سان دري هئي، جنهن تي خسَ جي ٽِٽي لڳل هوندي هئي، جنهن تي ڏيهن ۾ بہ تي ڀيرا پاڻيءَ جو ڇڙڪاءُ ڪبو هو.

منهنجو پيءُ هر هفتي بہ پهريءَ جو پاڙي واريءَ مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهندو هو. هو جنازي نماز ۾ بہ ضرور شريڪ ٿيندو هو ۽ عيد نماز وقت عطر عنبير لائي، پاڙي جي هڪ سيٺ چندر پان کان موٽر ڪار وٺي، اسان کي عيدگاهہ تي وٺي هلندو هو جتي عيد نماز پڙهڻ کان پوءِ هو اسان کي ڪاغذ جون ڦرڻيون، ساوا ڳاڙها جهنڊا، ڊبڪيون، جهنجهٽا، جيڪي مٽيءَ جا ٺهيل هوندا هئا ۽ جن ۾ ڪٽڪ جا داڻا وجهندا هئا، جي انهن ۾ وجندا هئا ۽ ڏيڏر بہ وٺي ڏيندو هو. ڏيڏر مٽيءَ جي ننڍي پيالي هوندي هئي، جنهن تي ڪاغذ

چاڙهيو ويندو هو ۽ جنهن تي ڏاڳي سان ڪجيءَ جي چڙيءَ جو سنهو ڏاڪولو هوندو هو. جڏهن ڏاڳي کي ڇڪيندا هئاسين تہ اهو ڏيڏر وانگر آواز ڪڍندو هو. انهن کان سواءِ ڦوڪٽا، پوپريون، چانديءَ جا پنا، مٽيءَ جا گهوڙا، مٽيءَ جون زائفان، جن کي ڏاڳو ٻڌل هوندو هو جنهن کي ڇڪ ڏبي هئي تہ اهي ڦرنديون هيون. مٽيءَ جون جهرڪيون ۽ طوطا جن کي رنگين پنا لڳل هوندا هئا. چِدا، سونجنيون، باٺليون ۽ ڪوڏ ملندا هئا، جي بہ اسان چاهہ سان وٺندا هئاسين.

عيدگاهہ جي هڪ پاسي اسٽوئرٽ گنج نالي مارڪيٽ هوندو هو جتان بابا اسان کي طرح طرح جا ميوا وٺي ڏيندو هو. شڪاپور ۾ انب، انجير، ننڍا صوف، توت، ڪارا شهتوت، ڄمون، ڪارڪون، ڦاروان، ڪڪڙيءَ بنا ڪارڪون، بادرنگ (ڪيرا)، ونگيون، ڏوڪا ۽ ڏنگ ڏوڪا، لوٽيون ڪارڪون، سايون خشيون، سنڌي ۽ مڪئي ٻير، ڪنگري ٻير، پيرون، گدرا، ڪاٺ گدرا، تمام ننڍو ڪمند، پتائي گجرون، لاهوري گجرون، هنداڻا، ڏوڏيون، جن کي ڇڄڻي طرف چير نڪتل هوندا هئا ۽ جن مان آفيم نڪتل هوندو هو. ڪمر، زريتون، ڊاک وغيره ٿيندا هئا. جي مند آهر وٺي اسان ڍؤ ڪندا هئاسين. پوءِ وڏن جي قبرستان ويندا هئاسين، جتي منهنجو ڏاڏو ۽ ڏاڏي پوريل هوندا هئا. انهن جي مزارن تي دعا گهري، انهن جي قبرن تي پٿهي وجهندا هئاسين. پٿهيءَ ۾ گلاب جا پن، انب جا پن ۽ مَهري دال هوندي هئي. اسان جن عورتن کان پٿهي وٺندا هئاسين، تن کي آرائٽيون چوندا هئاسين. آرائٽيون مند تي اسان وٽ گلاب ۽ رابيل جا گل پوئي آڻينديون هيون. انهن جي ڳري قيمت گهرنديون هيون، تہ بہ انهن کي موٽائبو نہ هو جن کي ساري مون لکيو هو:

'عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن، آيو جهول ڀري،
ڪوئي ڪيئن ڪري؟'

عيد جي ڏينهن تي شڪاپور ۾ هندستاني گويا ايندا هئا، جي فارسيءَ ۾ مخمس ڳائيندا هئا، جنهن جون آخرين بہ سِٽون هونديون هيون:

"آهسـتہ برگ گل بفشان بر مـــــزار ما
ڪِہ نازڪ است شيشہءِ دل درڪنار ما"
"اسان جي مزار تي گل آهستي رکو_

چو تہ اسان جي ڪڪ ۾ دل جو شيشو نازڪ آهي.“

مون کي ان وقت بہ خيال ايندو هو تہ ڇا هتي منهنجي پيءُ جا ماءُ پيءُ پوريل آهن؟ ڇا مٽيءَ جو پيپ پرجھوئي نہ آهي؟ مٽي ڪيئي دارا ۽ سڪندر ڳڙڪائي چڪي آهي؟ ڇا انهن جي ماس ۾ هين ماڻهن جي ماس کان سواد وڌيڪ آهي؟ اهي ويچار ياد ڪري مون نظم لکيو هو:

”آيو موت تہ روح مري ويو جسم ٿيو آزاد
مٽي اوّل، مٽي آخر، مٽي زنده باد.“

هاڻي مان مڃان ٿو تہ ’مٽي زنده باد‘ صحيح ناهي، انسان ۾ ئي ڪا شيءِ آهي، جا زندهہ رهي ٿي، پر اهو خيال مون کي ڏاڍو پوءِ آيو جڏهن مون موت کي پنيءَ تي هٿ هڻي چيو: ”هاڻ تہ تر، مان واندو نہ آهيان.“

بابا جا ٻيا دوست هئا: ڦولناٿ جوڳي، جنهن هن کي ڪيميا جي علم سيکارڻ جا ڏتا ڏنا هئا. ڦولناٿ ڪن ڦاڙ جوڳي هوندو هو يا جنهن لاءِ پٽائيءَ ’ڳنوٽيا‘ ۽ ’ڪن چير‘ لفظ ڪم آندا آهن. هو ڳچيءَ ۾ پٿر جو ڪنٺو پائيندو هو ۽ هن کي گهاٽيون جٽائون هونديون هيون. هڪ ڀيري هن بابا کي چيو هو تہ اڌ تولو سون ۽ ڏهہ سير ٽامو وٺي ڏي تہ هو ڪيس ٽامي جا ڏهہ ئي سير سون ڪري ڏيندو. هو اسان کي شهر کان ٻاهر، هڪ باغ ۾ وٺي هليو جتي هن ڇيڻن جو ڍير دکايو ۽ ان ۾ ڪجهہ جڙي ٻوٽيون ۽ اڌ تولو سون ۽ ڏهہ سير ٽامو وجهارايائين. چوڌاري وڏو ڇيڻن جو ڍڳ دکارايائين ۽ بابا کي چيائين تہ اهي صبح جو سون ٿي ويندا. صبح جو جڏهن مان بابا سان گڏجي ويس ۽ ڇيڻن جي رک پري ڪري ڏٺوسون تہ اڌ تولو سون تہ ڪونہ هو پر ڏهہ سير ٽامي تي سونهري جهلڪ نظر آئي پئي. ڦولناٿ بابا کي چيو تہ سون ٿورو هو تنهنڪري پوري ٽامي تي چڙهي نہ سگهيو. ٻئي ڀيري ٻہ تولا سون وجهنداسون، پر بابا هن جو نسخو وري نہ آزمايو. هو بابا کي جوڳين جي باري ۾ عجيب غريب ڏند ڪٿائون ٻڌائيندو هو. هو جپ تپ ڪري، هوا ۾ اڏامي سگهندا هئا ۽ ڪنهن وقت نانگا پربت تي وڃي نڪرندا هئا، يا دم روڪي پاڻ کي ڌرتيءَ اندر پورائي، ڏينهن جا ڏينهن جي سگهندا هئا ۽ جڏهن ٻاهر ڪڍيا ويندا ها، تڏهن انهن جي ڏاڙهي ائين ڪوڙيل هوندي هئي جيئن پورجڻ وقت هئي، پر بابا هن تي اعتبار نہ ڪندو هو. ڦولناٿ ڦل ۾ گانجي جو

وزم هٽندو هو ۽ چوڏاري گانجي جي ڏپ ڦهلجي ويندي هئي ۽ پوءِ هو دعويٰ ڪندو هو تہ هن اهڙو بہ جوڳي ڏٺو هو جيڪو اپين سنگينن تي سمهي سگهندو هو ۽ هن جي پٺيءَ تي سنگينن جو ڪوبہ اثر نہ ٿيندو هو. ڪيترو وقت پوءِ هن جون ڳالهيون مون هڪ انگريزي ڪتاب ۾ پڙهيون هيون. ڪيترو وقت پوءِ ڍاڪا وڃي رهيا هئاسين تہ مون سان پنجاب جو اردو شاعر صوفي غلام مصطفيٰ تبسم هوائي جهاز ۾ گڏ هو. هن ۽ مون پنجابي ادب تي پئي ڳالهايو تہ هن هڪ لوڪ بيت پڙهايو:

"گـــوري وچ تلاوان نڪتي
جيئن سلفي دي ڏار ورگي-"

(ڇوڪري تلاءَ جي وچ تان نڪتي. (وارن کي ڇنڊڪو ڏنائين) تہ ڇڻ سلفيءَ مان دونهين جي ڏار نڪتي.)

ان وقت مون کي ڦولناٿ جوڳي ياد آيو هو.

ٻيو ماڻهو جيڪو روز بابا وٽ ايندو هو ان جو نالو گهٽو ڪري اميرعلي هو. هن جي ڇاتي ويڪري، منهن موڪرو ڏاڙهي مڇون ڇٽ هونديون هئس ۽ هن جي مٿي تي ڦندڻ واري ڳاڙهي ترڪي ٽوپي هوندي هئي. هو خلافت تحريڪ ۾ شريڪ ٿيو هو. جڏهن 1919ع ۾ مهاتما گانڌيءَ انگريزن جي خلاف آسهڪار جي هلچل (Non- Co-operation Movement) هلائي هئي ۽ ڪانگريسي هندن جو خلافت تحريڪ ۾ مسلمانن سان انگريزن جي خلاف غير معمولي ۽ تعجب خيز اتحاد ٿي چڪو هو. مانٽيگو چيلمس فورڊ سڌارو (Mantego Chelms Ford Reform) کي ڪامياب بنائڻ لاءِ، لارڊ جارج پنهنجي ڪئبينيٽ جي ماڻهوءَ کي وائسراءِ بنائي هندوستان موڪليو هو جنهن هندو مسلمان اتحاد ختم ڪرائڻ لاءِ مهاتما گانڌيءَ کي گرفتار ڪرايو هو. 1926ع ۾ اها آسهڪار جي تحريڪ ختم ٿي وئي، پر ان وچ ۾ پوري برصغير مان ڪيترا مسلمان ۽ سنڌ مان جان محمد جوڻيجي جي رهنمائيءَ هيٺ ڪيئي نوجوان ٻارين ٻچين ڪابل (افغانستان) لڏي ويا ها، ڇو تہ هندوستان دارالحرب هو ۽ ڪابل دارالامان هو. جوڻيجي سان جيڪي مسلمان گڏجي افغانستان ويا هئا، انهن سان اُتان جي مسلمانن ڀاءُ سمجهي همدردي تہ نہ ڪئي، پر هنن کان سڄو سَرو سامان ڦري ورتو هو. مون

اهي سڀ ڳالهيون ڪيئي سال پوءِ جوانيءَ ۾ پڙهيون هيون. دراصل پهرين مها ياري لڙائيءَ ۾ ترڪن انگريزن خلاف آسٽريليا ۽ جرمنيءَ جو ساٿ ڏنو هو. نومبر 1918ع ۾ انگريزن ترڪيءَ کي شڪست ڏني هئي. 2 جنوريءَ تي انگلنڊ جي وزيراعظم لارڊ جارج پارليامينٽ ۾ تقرير ڪندي چيو تہ: "ترڪيءَ جي حڪومت ۽ ان جي گادي قسطنطنيا کي ڪوئي خطرو ناهي ۽ اسان ترڪيءَ جي اندروني معاملن ۾ دخل نہ ڏينداسيون." پر 1919ع واري صلح ڪائونسل ۾ ترڪيءَ جي سلطنت کي ونڊڻ ورڇڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ خلافت کي بہ عملي طور ختم ڪيو ويو. خلافت تحريڪ جي باري ۾، مون ايم. اين. راءِ جي حوالي سان "جڳ مڙيوئي سپنو" ۾ الڳ مضمون لکيو آهي ۽ ان جي باري ۾ لارينس آف عريبيا جي ڪتاب Seven Pillars of Wisdom (سچائيءَ جا ست ٿنڀا) ۾ بہ ڪجهہ پڙهيو آهي.

هندوستان جي مسلمانن ان ڳالهہ جي باري ۾ سخت احتجاج ڪيو. نومبر 1919ع ۾ مسٽر افضل حق جي صدارت ۾ ميڙ ٿيو جنهن ۾ گانڌي موتي لال نهرو، پنڊت مدن موهن مالويہ بہ ڪٺا ٿيا. گانڌيءَ مسلمانن کي هندن جي پوريءَ حمايت جي خاطري ڏني. اهي ڳالهيون مون سڀ ڪيترو وقت پوءِ پڙهيون. بابا جو دوست امير علي ڪابل مان دلشڪستو ٿي موٽيو هو ۽ بابا سان روٺهارڪو ٿيندو هو تہ هن کي نڳيو ويو هو.

ٿيون شخص سلطان ڪوٽ جو هو. پورو نالو ياد نہ ٿو اچي، شايد هن جو نالو ڪشن چند هيو. هو بابا کي 'نل دمينتي'، 'شڪنتلا'، 'شوَ پاروتيءَ' وغيره جا ديو مالائي قصا ٻڌائيندو هو. ان وقت بابا اڳرن تي ناگلي گجرون بہ پچائي کائيندو هو ۽ مرغيءَ جا انڊا اوباري پاڻ بہ کائيندو هو ۽ ٻين کي بہ کارائيندو هو. اها رات جي وقت هن جي مرغوب غذا هئي.

زرينا! هاڻي ترس ڪجهہ دوست آيا آهن. انهن سان ملي وٺان. ٻيو قصو پوءِ ٿو اڳتي وڌايان.

اڄ پير محمد ڪيلاش، شاهہ محمد پيرزادو ۽ آصف فرخي آيا. آصف فرخي، شاهہ محمد جي مدد سان سنڌي شاعريءَ جي انٿالاجيءَ (Anthology) جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي. فرخي، عطيہ دائود جي شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو اڳ ئي ڪري چڪو آهي. هن جڏهن موڪلايو تہ پنهنجا ٻہ ڪتاب تحفي طور ڏئي ويو جي منهنجو پٽ ڊاڪٽر

سليم لاهور ڪٽي ويو ۽ چيائين تہ فرصت جي وقت پڙهندس. هڪڙو ڪتاب ذيشان ساحل جو 'ڪراچي اور دوسري نظيمن' بہ ڏنائين.

ٻئي ڏينهن تي مشتاق باگاڻي، عبدالحميد ابڙو ۽ بدرالدين اجڻ آيا. عبدالحميد ابڙو ملير ۾ سيشن جج آهي ۽ منهنجي شاعريءَ جو مداح آهي.* بدرالدين اجڻ لاڙڪاڻي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر آهي ۽ ٽي. ايس. اليٽ تي ڪتاب لکيو اٿائين ۽ جڏهن سکر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هيو تڏهن منهنجي دعوت ڪئي هئائين، جا مون آتم ڪهاڻيءَ جي پهرين حصي ۾ فتاح ملڪ جي نالي سان منسوب ڪئي آهي. ٽئين ڏينهن تي پير محمد هڪ لجاريءَ ۽ سباجهيءَ اردو شاعره سان گڏجي آيو جنهن مون کي پنهنجو ڪلام ٻڌائي، منهنجو رايو وٺڻ چاهيو تہ هوءَ وڏيڪ مشق جاري رکي يا نہ؟ مان هن جي ڪلام ۾ ايترو محو ٿي ويس، جو هن کان سندس نالو بہ نہ پڇيم. ممڪن آهي تہ هن پنهنجو نالو ٻڌايو پر مون کان وسري ويو آهي. هوءَ ايم. بي. بي. ايس جي پوئين سال ۾ آهي ۽ چيائين تہ امتحان ڏئي پنهنجي ساري شاعريءَ کي ترتيب ڏينديس ۽ ان جي فوٽو ڪاپي اوهان کي ڏينديس. ويندي وقت مون هن کي چيو: "ڌيءَ! تنهنجي لاءِ منهنجو دروازو هر وقت کليل آهي. تون جڏهن چاهين، اچي سگهين ٿي." مشتاق باگاڻي پنهنجي بيتن ۽ وائين جو مجموعو ڏئي ويو هو تہ ان تي مان پيش لفظ لکان. مشتاق باگاڻي پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي جاگرافيءَ کي امر ڪيو آهي. هو هڪ شوقين شڪاري آهي ۽ جڏهن سکر ۾ هوندو هو تڏهن مون کي بار بار شڪار جي دعوت ڏني هئائين، پر مان هن سان نہ وڃي سگهيو هوس. هو وائيءَ جو ماهر آهي. مان هن جي پوئين صفحي تي ڏسان ٿو تہ مون کي هڪ عجيب وائيءَ تي نظر پئي ٿي:

منهنجا موسيٰ يار،
هاڻي ڇڏ شڪار،
تو پڻ ليکو ڏيڻو.
ڇمر ڪيو پيا ڇلن
اوڇـي سـاڻ اڏار،
تو پڻ ليکو ڏيڻو.

---

* ڪجهہ سال ٿيا تہ گذاري ويو آهي. (ت.ج)

هئا. اهڙي ڪهڙي اجهل چڪ هنن جي رڳ رڳ ۾ ڇُپيل هوندي هئي، جا هنن کي پاڻ رستو ڏيکاريندي هئي. وهئي جو سائبريا مان مُند تي اچڻ، خدا جي وجود جو بهترين ثبوت آهي. فطرت سان بي انتها محبت مون کي ماءُ کان ورثي ۾ ملي آهي.

امان جي بابا سان ايتري محبت هئي، جو سياري جي مند ۾ جڏهن هو مري ويو، تڏهن امان رک سان پريل ڪل، جنهن ۾ ہرندڙ ڪجهہ ننڍا ٽانڊا بہ هئا، پنهنجن وارن تي پيتيو هو. جو اسان جي مائٽياڻين هن کان کسي، هن جي مٿي کي يڪدم ڇنڊيو هو. امڙ منهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ بہ ڪيئي سال جيئري رهي ۽ جڏهن هن کي ڪئنسر ٿي پئي، تڏهن مان هن کي لاهور جي ميو اسپتال ۾ وٺي ويو هوس، جتي منهنجي پنجابي دوست مونس ۽ هن جي سؤٽن، امڙ جي ۽ منهنجي ڏاڍي خدمت ڪئي هئي ۽ هوءَ شفاياب ٿي موٽي هئي; جنهن جو ذڪر مان اڳ ئي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪري چڪو آهيان.

امڙ مون کي ۽ منهنجي پيڻ کي جنهن وقت پنهنجي ماضيءَ جا واقعا ٻڌائيندي هئي، تڏهن هن جي منهن تي بيحد وقار هوندو هو ۽ هو ظاهر نہ ڪندي هئي تہ هن جا مٽ مائٽ دولت مند هوندا هئا. هوءَ هندو بيوهہ هئي ۽ ٽي ڏيئر پنهنجي ماءُ وٽ ڇڏي، منهنجي پيءُ سان شادي ڪئي هئائين، جنهن وٽ ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ آئي هئي. پر لکيو منجهہ لِلاٽ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي، هن جي پيٽ مان منهنجو جنم لکيل هو مان جو ڪيئي سال پنهنجو قلم پنهنجي ڪياڙيءَ تي وهائيندو آيو آهيان.

منهنجي ڪُيڙيءَ مان ڪٺا ختم ٿيڻ وارا آهن، پر تقدير کي پاسيرو ڏسي، مان ڪجهہ ڪٺا وڏيڪ وجهي ٿو ڇڏيان ۽ چاهيان ٿو تہ پنهنجو قصو پاڻ پورو ڪريان. مون کي محقق نہ وڻندا آهن. مان ڀانيان ٿو تہ اهو 'محقق' لفظ 'حقي' مان نڪتو آهي، جنهن ۾ ٻُڙ ٻُڙ گهٽي هوندي آهي ۽ پرائي ٽانڊي تي ٽيڳربو آهي. انومان، ڌڪا، ٻڌل سُڌل ڳالهيون، اهوئي تہ محقق ڏيندا آهن. هن وقت تائين تہ ڪنهن بہ سنڌي محقق منهنجي باري ۾ حق جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي.

امڙ بابا لاءِ سڀ ڪجهہ واري ڇڏيو. هوءَ گهريلو عورت هئي. مسلمانڪو لباس، شلوار قميص ۽ رئو پائيندي هئي ۽ منهنجي پيءُ هن کي نماز پڙهڻ لاءِ وضوءَ جو طريقو سيکاريو هو ۽ طهارت جي اهميت ٻڌائي هئي.

هوءَ گهڻو ڪري فجر، ظهر، عصر، مغرب ۽ عشا جي نماز هر روز پڙهندي هئي، پر ڪڏهن ڪم ڪار ۾ هن کان ڪائي نماز رهجي ويندي هئي.

شاديءَ کان پوءِ ڪجهہ عرصي تائين هندڪا ڏڻ ملهائيندي هئي، جن مان ڪن جا نالا مون کي اڃا ياد آهن. چيٽي چنڊ، رام نومي، اکڻ تيج، ٿڌڙي، دسهڙو، ڏياري، بسنت، پنچمي، مها شوَ راتڙي ۽ هولي. ڏيري ڏيري هوءَ مسلمان تقريبون ملهائڻ لڳي، پر پوءِ بہ منهنجي ذهن تي اهي ڏڻ اڃا تائين اُڪريل آهن. هندو چيٽ جو سائو پڪ پوتر ڏينهن سمجهندا آهن، ڇو تہ ان ڏينهن برهما سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي هئي. اڃا تائين سنڌي هندو چيٽي چنڊ جو ميلو ڪندا آهن. ٿڌڙيءَ تي شيتلا ديويءَ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. شيتلا ديويءَ کي هندو 'ننڍي ماتا' (ارڙيءَ) جي ديوي ڪري سمجهندا آهن ۽ هنن جو ويساهہ هو تہ چيٽ کان وٺي سانوڻ تائين شيتلا ديويءَ جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. مان 1963ع ۾ بمبئيءَ ۾ سندري اُتمر چنداڻيءَ جي گهر ويو هوس، جيڪو شيتلا ديوي روڊ تي هو. ارڙيءَ جي نڪرڻ سان ماڻهوءَ کي ڏاڍي گرمي ٿئي ٿي ۽ ان گرميءَ کي شيتل (ٿڌو) ڪرڻ لاءِ هندو نم جا پن رکندا هئا. مون کي ۽ منهنجي ڀيڻ کي جڏهن ننڍي ماتا (ارڙي) نڪتي هئي تہ منهنجي ماءُ ڪوٺي تان نم جا پن پٽي، اسان جي چوڌاري رکيا هئا، پر هوءَ ڪنهن بہ بت جي پوڄا نہ ڪندي هئي، جو بابا کيس سمجهائي ڇڏيو هو تہ اسلام ۾ بت پرستي حرام آهي. رام نوميءَ تي هندو ڇا ڪندا هئا، مون کي ياد نہ آهي، پر منهنجا ڪلاس فيلو چوندا هئا تہ ان ڏينهن رام جنم ورتو هو. دسهڙو، ڏياري، بسنت، پنچمي ۽ هولي تہ هندن جا مشهور ڏڻ هوندا هئا. دسهڙي جي ڏند ڪٿا هيئن هئي تہ رام، راوڻ جي ڏهن سرن لاهڻ لاءِ ڪاهہ ڪئي هئي. ڏياري جي ڪارڻ بابت منهنجا هندو ڪلاس فيلو گهڻيون ڳالهيون ڪندا ها، جي مون کي ياد نہ آهن، باقي اهو ياد آهي تہ هو مهينو کن اڳ گهر ۾ هٽن کي ٻوهاريون ڏئي صاف ڪندا هئا ۽ پوءِ ليپا ڏيندا ها.

مون ان وقت پهاڪو ٻڌو هو تہ :"ڏياريءَ جو ڏيئو ڏٺو ننڍو وڏو چيڙ منو."

ڇوتہ امڙ ڏياريءَ کان پوءِ چيڙن جون ڪچريون تري اسان کي کارائيندي هئي، جي ٻهراڙيءَ جون مسلمان عورتون اسان جي پاڙي ۾ هندن ۽ مسلمانن کي وڪڻنديون هيون. ڏياريءَ رات هندو ڪوڙي تيل مان ڏيئا ٻاري پٽين يا پلويڙن تي رکندا هئا، مسلمان ڇوڪرا ڪچيءَ جي ڇڙيءَ سان ڪيرائڻ جي

ڪوشش ڪندا هئا. ڏياريءَ رات هندو مسلمان ساري رات ننڍي بازار، ڏک بازار ۽ شهر جا چڪر ڏيندا هئا. دڪانن تي رنگ برنگي رانديڪا چاهين تي هلندا نظر ايندا هئا. ڏياريءَ جي ڏينهن منهنجي پيءُ جا هندو مؤڪل ۽ دوست ڪافي مٺائيءَ جون پنڊيون ڏئي ويندا هئا. جن ۾ چمون، سگُر جو مائو کوهيو برفي، جليبيون، پيني جي مٺائي، پستن جو مائو ۽ ميسو پيل هوندو هو. اها ساري پنڊي رڀئي ڏيڍ ۾ ملندي هئي.

بسنت جي مند جي آجيان ڪندي، هندو بسنت پنچمي ملهائيندا هئا. بسنت جي رت، ڦڳڻ ۾ شروع ٿئي ٿي ۽ چيٽ جي پڇاڙيءَ ۾ پوري ٿئي ٿي. انهيءَ عرصي ۾ شاهي باغ ۾ ڇهچٽا لڳا پيا هوندا هئا. سارو باغ رابيل، ڪرني، گلاب، ڪيتڪي، ٽانگر ۽ ٻين گلن سان جهنجهجي ويندو هو جن جا ٻج ولايت مان گهرائي، شاهي باغ ۾ پوکيا ويندا هئا. انهيءَ مند ۾ توت، شهتوت، ڪارا ۽ ٻاڙها انجير پچندا هئا. ڊيليا ۽ سوسن جو پاڙي سڪائي چڏيندا هئا ۽ انهن کي ڪونڊين سميت رکي چڏيندا هئا ۽ آڪٽوبر ۾ ٻين ڪونڊين ۾ پوکيندا هئا. هندو مسلمان سڀ چوج سان صبح شام چڪر ڏيندا هئا. ٻيو هوليءَ جو ڏڻ هوندو هو. جنهن ڏينهن آئي وئي کي هندو رنگن جون پچڪاريون هڻندا هئا ۽ جيڪڏهن پچڪاري ڪنهن مسلمان کي لڳي ويندي هئي تہ بہ ورلي ڪوئي جهيڙو ٿيندو هو. نہ وري هندو ان تي جهيڙو ڪندا هئا. جو هڪ مسلمان فقير اچي در در تي سئن هڻندو هو تہ ”ڪؤنروءَ ڏاند ڪُهايو، ڪيول ڏين تي آيو.“ ڪنهن ڪنهن وقت هُو اها سئن ڪنهن هندوءَ جي در تي بہ هڻندو هو. هندو تهذيب کي رنگا رنگي تہ هوندي هئي، پر بت پرستيءَ سبب اها اسلام کي اهين جذب ڪري نہ سگهي، جيئن جين ۽ ٻڌ ڌرم کي جذب ڪيو هئائين.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان وٽ چار پنج پيڙهيون مسلمان ٿئي گذريون هيون، ان ڪري اڃا اسان وٽ مهينن ۽ مُندن جا نالا هندڪا هوندا هئا، جي مون پنهنجي بيتن ۾ بہ استعمال ڪيا آهن. هندوستان ۾ جوتش موجب ڇهہ مندون ٿينديون هيون ۽ هر ڪا مند ٻہ مهينا هلندي هئي. بسنت ۾ ڦڳڻ، چيٽ جو مهينو پورو ٿيندو هو تہ اونهاري ۾ ويساک ۽ جيٺ جو مهينو ايندو هو ان کان پوءِ اونهاري ۾ ورڪا جي مند، آکاڙ ۽ سانوڻ ۾ ايندي هئي. چٽ، بڊي ۽ اسوءَ ۾ ايندي هئي، جڏهن گرمي جهڪي ٿيندي هئي. ڪلٽي آسمان

هيٺان چادر پائڻ جي ضرورت ٿيندي هئي ۽ پوءِ سياري جا مهينا. پوهہ ۽ مانگهہ ايندا هئا، جن ۾ شڪارپور ۾ ڏاڍا سيءَ پوندا هئا. سوڙيون ويڙهٽيون پونديون هيون، جن جي ڪپهہ اسان کي پيچارا هر سال پيجي ڏئي ويندا هئا. اِهي ڇهہ مندون هند ـ پاڪ کان سواءِ دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ملڪ ۾ نہ ٿينديون آهن.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ امڙ هندڪا ڏڻ وساري ڇڏيا ۽ عيد ـ ميلاد، عيدالفطر، عيدالاضحيٰ (قرباني) ۽ محرم سان مانوس ٿي وئي هئي. پر شيخن جون ذاتيون، 'بلراٽي'، 'هرواٽي'، 'ڇتاٽي'، 'خانواٽي'، 'جاناٽي' هيون، جي هندو ذاتين وانگر هونديون هيون.

مون اجا مٿيان اکر لکيا پئي تہ ٽي. ويءَ تي خبر آئي تہ: "پشاور ۾ بم جو خوفناڪ ڌماڪو ٿيو سٺ ماڻهو مئا ۽ ٻہ سؤ زخمي."

يا الله، يا رب پاڪ! اسان ڪهڙي ڪئي جو ڪيتو پوڳي رهيا آهيون؟ آخر هيءَ خونريزي ڪڏهن ختم ٿيندي؟ آخر ڪشمير ۽ ڪابل ۽ ڪراچيءَ جو مسئلو ڪڏهن حل ٿيندو؟ انسان چئن جي ننڊ ڪڏهن ڪندا؟ افسوس، اسان ۾ جمهوري روايتن گهر نہ ڪيو هو. جڏهن انگريزن ملڪ مان تپڙ ويڙهيا هئا. ايم. اين. راءِ نيڪ چوندو هو تہ انگريزن جي وڃڻ جو وقت اڃا نہ آيو آهي. انگريزن جي زماني ۾ چيو ويندو هو تہ شير ٻڪري گڏ چرندا هئا. پوري برصغير کي آزاديءَ جي نعري ديوانگيءَ جي حد تائين، وچڙائي ڇڏيو هو. ايم. اين. راءِ جيتوڻيڪ پاڪستان جو حمايتي هو پر هو اِهو بہ چوندو هو تہ آزاديءَ کان پوءِ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ فاشسٽ حڪومتون ٿاهينديون. مان ڪڏهن ڪڏهن ايم. اين. راءِ جي دور رس نگاهہ تي سوچي حيران ٿي ويندو آهيان.

ورهاڱي کان پوءِ سارو پنجاب، سک، هندو مسلمان لهولهان ٿي ويا. ريل گاڏيون يا تہ لاشن سان پريل يا بنهہ خالي اسٽيشن تي اينديون هيون ۽ لاش رستي تي لاهي ڦٽي ڪندا ها ۽ انهن کي ڳجهن جو ڳاهہ ٿيڻ ڏيندا ها. جنهن بہ چمن لال جو انگريزي ناول 'آزادي'، خشونت سنگهہ جو ناول 'ٽرين ٽو پاڪستان' ۽ ڪرشن چندر جا ناولٽ 'هم وحشي هين' ۽ 'غدار' پڙهيا هوندا، اهو ڳوڙها روڪي نہ سگهيو هوندو. بنگال ۽ بهار ۾ بي تحاشا خونريزي، ٻارن، عورتن، ٻڍن ۽ جوانن جا قافلا، بي سرو سامان، لڄون لٽائي،

لڏپلاڻ ڪري، سرحد جي هڪ پار کان ٻئي پار ويا. مهاتما گانڌيءَ کي گاڏسي گولي هڻئين، چاڪاڻ جو هو اهنسا جو اوتار هو. قائداعظم، جنهن اسان کي پاڪستان تحفي ۾ ڏنو ان جو لاش جڏهن زيارت کان ڪراچيءَ پهتو تہ ايئرپورٽ تي فقط هڪ نرس، هن تان مکيون هڪلي رهي هئي. وزيراعظم لياقت علي خان جو قتل، جنهن جي قاتلن جو سراغ اڄا تائين نہ لڳايو ويو آهي، پنجاب ۾ قادياني مخالف فساد، هڪ بيمار ذهن واري گورنر جو اسيمبليءَ کي برطرف ڪرڻ، سڪندر مزار جو اقتدار تي زبردستيءَ قبضو، ايوب خان جي آمريت، پاڪستان جي عوام جون هن جي آمريت تي خوشيون، نهروءَ جو دلشڪستو ٿي مرڻ، پنج شيلا جي سپني جو ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ، 1965ع واري هندوستان ۽ پاڪستان جي جنگ لڳڻ، 1970 ۾ اوير پاڪستان ۾ قتل وغارت، يحييٰ خان جي آمريت جو ڪجهہ عرصي لاءِ، شهيد ڀٽي جو اقتدار ۾ اچڻ، جنرل ضياءَ الحق جو اقتدار تي قبضو ڀٽي جي دارو رسن تي شهادت ۽ هاڻي ڪشمير، ڪراچي ۽ ڪابل جي مسجدن ۾ نمازي شهيد، امام بارگاهن ۾ گوليون ۽ تخريب ڪاري، وڃي ايتري چوٽ تي پهتي آهي، جو مولانا حاليءَ جي دعا ٿي ياد اچي.

اے خاصۂ خاصان رسل وقت دعا ہے
امت پہ تیری آنِ عجب وقت پڑا ہے.

اسان سوچي بہ نہ ٿا سگهون تہ آمريڪا، يورپ، چين، وڃ اوير ڪٿي پهتو آهي. محترمہ بينظير صحيح چيو آهي تہ، اٺويهين صدي يورپ جي هئي، ويهين صدي آمريڪا ۽ ايڪويهين صدي جپان ۽ ايشيا جي ۽ ٻين ملڪن جي ٿيندي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ ۾ جيڪڏهن اڃي ڪنهن کان پڇيو ويندو هو تہ، ”ڇا حال آهي؟“ تہ هو جواب ڏيندو هو: ”خدا جو شڪر آهي. دال ماني تہ ملي پئي.“ پر هاڻي چڻن جي دال چاليهن رپئي هڪ ڪلو آهي ۽ ڪڪڙ جو اٽو اسي رپئي ڏهہ سير آهي. اسان وٽ ويهينءَ صديءَ کو تہ گناهہ ڪيو آهي، جنهن جو ڪيتو اڄا تائين ڏئي رهي آهي. جي شاعري مون کي نہ بچائي ها تہ تاريخ ۾ ايترو اضطراب هيو جو مان گهٽو اڳي مري وڃان ها. مون ۽ زرينا اِن دؤر ۾ ڇا سَنو آهي، اهو بيان کان ٻاهر آهي.

مون کي ڇئن ڏينهن کان کنگهہ، زڪام ۽ بخار آهي، جو معلوم نہ آهي،

چو مون کي هر ڊسمبر جي مهيني ۾ ٿيندو آهي. مان ڪاڏي پيٽي ۾ ڏاڍو احتياط ڪندو آهيان ۽ فقط جيئڻ لاءِ کائيندو آهيان. بيماريءَ جي باوجود مان مسلسل لکندو رهيو آهيان، چو تہ آءٌ ڄاڻان ٿو تہ موت جي هٿ ۾ ڪٿنچي هوندي آهي، سڱي ڏاڍو نہ هوندو آهي. مون کي اهڙي درزيءَ کان نفرت آهي ۽ ان جون درزان اڏائڻ چاهيان ٿو. هو بہ ڇا ياد ڪندو تہ هن سان ڪوئي پڳو آهي!

جذبات مون کي ويهينءَ صديءَ جي توڙ تائين پهچايو آهي. پر مون تہ اڃا سنڌيءَ جي پنجن ڪلاسن جي تعليم جو احوال بہ پورو نہ ڪيو آهي. مان موٽان ٿو اسڪول ڏانهن.

بابا ڪاٺ جي ڦرهي، ڪلڪ ۽ ڪاري مس جي ڪُپڙي ڏني، مون کي هڪ اسڪول ۾ داخل ڪرايو هو جيڪو لکيدر جي ڀرسان هو. مون تمام ٿوري وقت ۾ صورتخطي سکي ورتي ۽ منهنجا اکر استاد کي ڏاڍا پسند هوندا هئا. ٽئين درجي سنڌيءَ تائين مون کي پنهنجي مادري زبان تي ايتري مهارت ٿي وئي هئي، جو مون ڪي ذڪر ڪيل سنڌي ناول پڙهي پورا ڪيا ها ۽ اردو ڪتاب بہ پڙهڻ شروع ڪيا ها. تن ڏينهن ۾ شڪارپور ۾ بہ سئنيمائون هيون، هڪ لکي در تي 'ڪئپيٽال سئنيما' ۽ ٻي 'هري ولڀ سئنيما' اسان جي گهر کان بہ اڍائي سؤ قدم پري هوندي هئي، جن ۾ گونگا فلم ايندا هئا. مون کي زيبو ۽ جئراج جا فلم ڏاڍا وڻندا هئا. هر فلم ۾ هيٺان اردوءَ ۾ لکيل هوندو هو تہ ڪردار ڇا ڳالهايو آهي. اهو پڙهي، مون اردو زبان تي وڏيڪ عبور حاصل ڪيو. هري ولڀ سئنيما جي ڀرسان 'نوجوان برادر منڊل لائبريري' هوندي هئي، جنهن ۾ مون چوٿين سنڌيءَ ۾ هوندي داخلا ورتي هئي. اتي مان سکر واري پبلشر هري سنگهہ جون ڇپايل سنڌي ڪافين جون چوپڙيون وني پڙهيون، جي ايتريون نديون هونديون هيون، جيتريون 1976ع ۾ تاشقند رائيٽر يونين جي سيڪريٽري جنرل مومنوف مومن جي رباعيات جي چوپڙي هئي، جا هن مون کي تحفي ۾ ڏني هئي ۽ جا هن جي نالي جي تحرير سان مون وٽ موجود آهي. مون ان وقت ئي مسلم يو. ايس. آر جي ڪمپرسي محسوس ڪئي هئي ۽ يقين ٿي ويو هو تہ مسلم ملڪ روس کان ڇڄي ويندا، جيئن مون کي بنگلاديش جي الڳ ٿيڻ جو ڊاڪا ۾ يقين ٿي ويو هو جنهن جو ذڪر مان 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' ۾ ڪري چڪو آهيان. مان ادبي هاءِ جمپ جو ماهر ٿي چڪو آهيان. اڌ صديءَ کان

مٿي ٽپو ڏنو اٿم. مون ڳالهہ تي ڪئي جڏهن چوٿين سنڌيءَ ۾ پڙهندو هوس ۽ نوجوان برادر منڊليءَ مان هري سنگهہ جا ڇپايل ڪافين ۽ بيتن جا ڪتاب ميمبر جي حيثيت ۾ ورتا هئم. جن مان مون کي ڪجهہ سٽون اڃا ياد آهن.

ڪُنيءَ وٽ ڪُتي، رات نہ ڪيچين ريءَ
ميهر تـان نہ مَٿي، ڇا جي لوڪ مٿيندو.

سهڻي - ميهار جي ڪهاڻيءَ مان مٿيون سِٽون ڪنهن سنڌي داستان گو جي واتان الف شاهہ جي پڊر ۾ ٻڌيون هيم، جتي هو ايندو هو ۽ هڪ ڪهاڻي ٻڌائي، ڏرتيءَ تي چادر وڇائي چوندو هو تہ الله جي نالي ڪجهہ سِڪا ڦٽي ڪيو ۽ هن جي چادر پائين، پئسن، آنڪين، ٻي آنين ۽ پائلين سان ڀرجي ويندي هئي. انهيءَ ۾ ٽاميءَ جا ڏاڊا پراڻا سِڪا بہ هوندا هئا، جي هن دؤر ۾ هجن ها تہ نادر سِڪا سمجهي ڪٺا ڪيا وڃن ها. ڪافين جون ڪجهہ سٽون مون کي ايڏيون وڻيون هيون، جو اهي مون بار بار پڙهيون هيون ۽ مون کي اڃا ڪي سٽون ياد آهن. هڪ ڪافي تہ هيمنداس نالي شاعر جي هئي.

اٿي جاڳ تون ننڊ نهوڙي
ننڊ نياڳي دوست وڇوڙي
چـــڏ گمـــراهي گينوار

چوٿين سنڌيءَ جون ٻہ ٽي ڳالهيون، مون کي اڃان ياد اچن ٿيون. پهرين تہ اسان کي ڪلاس ۾ چيو ويو هو تہ جيڪو ڦڙڪي تي پکين جا ڪنب چنبڙائي، انهن تي پکين جا نالا لکي ايندو ان کي امتحان ۾ ويهہ سيڪڙو مارڪون وڌيڪ ڏنيون وينديون. ان ڳالهہ تي گهڻن چوڪرن توجهہ ڏنو پر اسان ٻن ڄڻن هم - ڪلاسين ان ڪم کي تڪميل ڏيڻ لاءِ شڪاپور جا سارا باغ ڇڪاريا ها ۽ جڏهن ڪوئي نئون ڪنب ڳولي لهندا هئاسين تہ باغائيءَ کان ان پکيءَ جو نالو پڇندا هئاسين، جنهن جو اهو ڪنب ڪِريو هوندو هو. اهي ڪنا ڪيل ڪنب ڪبوترن، ڪانوَن، طوطن، هيڙهن، سانهن (جا پاڻيءَ جي تلاوَن تي ايندي هئي.) چانهہ، پٽ تتر، ڪارڙي تتر، هِل، ڳجهہ، ڪاٺ ڪُٽي، باز جهرڪي، ڳيري، گهگهہ، ڪويل، چاپاڪي، هُدهُد، چيهي، چٻري، چڙيءَ، متاع، باشي، ٻٽير، ٽيٽيهر وغيره جا هوندا هئا. جي اسان

ڦڙڪي جي پاڻن تي لٿيءَ سان چنبڙائي، هيٺان انهن جا نالا لکي، ويهہ في صد مارڪون ڪنيون هيون. باغائي ڪنهن ڪنهن وقت اهو پکي ڏيکاريندا بہ هئا، پر اسان انهن جي ويجهو ويندا هئاسين تہ اهي ڦڙڪو ڏئي اڏامي ويندا هئا. ڪڏهن انهن جا ولر هوا ۾ گهمرا ڏيندا نظر ايندا هئا. انهن جي چين چين ۽ چانگار ۽ مٺي تنوار ٻڌي اسان وڻجي ويندا هئاسين. مون کي ڏٺي ٻڌو هو تہ باغ باغ ۾ ايندڙ پکين جي ٻوليءَ ۾ ٿورڙو فرق هوندو هو جيئن شهر شهر جي ماڻهن جي ٻوليءَ جو فرق آهي. مون تيستائين تہ شهر فقط شڪارپور، ڳڙهي ياسين، سلطان ڪوٽ ۽ سکر ڏٺا هئا. هڪ پيري بابا پلي ڏني آباد، ضلعي جيڪب آباد بہ وٺي هليو هو. جتي هو پنهنجي ڪن اصيلن وٽ مهمان ٿي رهيل هو جي ذات جا اُستاد هئا.

منهنجو لفظن جو ذخيرو نهايت تيزيءَ سان وڌي رهيو هو. سياري ۾ مستونگ جون پناٽيون يا پروچاٽيون اسان وٽ سڪل ميوو توت، ڳاڙها سُڪل ٻير، سُڪل انجير، پستا، باداميون ڪٺي ايند‌يون هيون. ڪنهن ڪنهن وقت هٿ واٽين وٽان، مان امان جي چوڻ تي مڱن، چڻن ۽ مهريءَ جي دال وٺي ايندو هوس، ڪنهن وقت ٽري زالون ڪرنگهہ ڪٺي ايند‌يون هيون ۽ جوڳياٽيون نڪر جون ڏاند گاڏيون، ڪُپڙا، نڪر جون گُڏيون، ڏويون، چُلهيون، گهگهيون، وڏا ڪُپڙا، جنهن کي ديڳيون چونديون هيون، اسان کي اٽي لپ تي وڪٽي ويند‌يون هيون. انهن کي هٿ ۾ لٺ ۽ مٿي تي ڪٽڪ جي تيلين جي ڪاري هوندي هئي. پڙو ۽ گج جي اڌ ٻانهن ڪاون سان پريل، اگهاڙي پٺيءَ واري وچولي هوندي هين ۽ ڪليوپيٽرا ڪٽ وار هوندا هُين، جي سندن نرڙ تي ويندي وانگر لڙڪندا هئا. اڳيان نرڙ مٿان سينڌ ڪڍي بہ چوٽيون ڪنديون هيون ۽ ٻانهن ۾ ٻُڪن جي مٿان ڪافور جا چوڙا ۽ وچ ۾ ڪيٽوڙو چوڙو پائيند‌يون هيون، جن تي نيريون ٻُڙيون هونديون هيون. انهن جي مردن کي چتين ڳنڍيل ڳوٽريون هونديون هيون، هنن کي ڳچيءَ وٽ چيپ لڳل هوندي هئي. انهن کي ڳچيءَ ۾ ڳاڙهي سنگ مرمر جا داڻا پويل ۽ ڪچ ڪوڏيون بہ پيون هونديون هيون. اهڙيون ڪچ ڪوڏيون سندس ڳوٽرين تي بہ لڳل هونديون هيون. هنن جي ڳوٽرين ۾ پيرَ مٽيا هوندا ها، جي چؤڪندا هوندا هئا ۽ جن کي سوراخ ۾ ڏاڳو پوتل هوندو هو ۽ اهو پير ۾ ٻڌبو هو تہ وائي سور لهي ويندو هو. ممڪن آهي تہ اهو اعتقاد جي علاج

(Faith Cure) جو نمونو هجي. هنن کي سائي سنگ مرمر جو دل پاڪ بہ هوندو هو جنهن کي مسجد جي قبن وانگر اُڪر ٽيل هوندي هئي، جو هندو ۽ مسلمان ٻئي ٻچيءَ ۾ پائيندا ها. هنن کي روهيءَ جي ٻونبيءَ وانگر مٽيو بہ هوندو هو جنهن ۾ بہ ٽُنگڙا هوندا هئا. جو ڏند ڪرڻ کي روڪڻ لاءِ پائيندا ها. هنن وٽ اڇو چنڊ مٽيو بہ هوندو هو جنهن تي اڌ چنڊ وانگر نشان هوندا ها. جيئن ٻار تي چانڊوڪيءَ جو اثر نہ ٿئي. هو مَليءَ لاءِ مرمر جو داڻو آڻيندا هئا. جو پائبو هو تہ سُچيل ٻَل لهي ويندا هئا. هو ٽامو ۽ ٽامي جون ننڍيون ميخون بہ ڪٽي ايندا ها ۽ پڳھل ٽامي جي ڪٽورين ۽ تسرين کي هٽندا ها ۽ اهي ٻُنڊيجي سُڪَ تي ويندیون هيون.

ٻيا جوڳي شب برات جو ايندا ها ۽ ڇپين ۾ نانگ ۽ مرليون ۽ ڊارو ڪٽي ايندا ها. هو ڊارو اڇلي قسمت ٻڌائيندا ها ۽ شب برات جو جيڪو حلوو ٺهندو هو اهو وٺي ويندا ها.

هاڻ گھر ۾ اسان جون ڏوهٽيون، پکيئڙن جيان چون چون ڪنديون اچي نڪتيون آهن ۽ ڏاڍيءَ اُڪير مان نانا نانا ۽ ناني امان چئي مليون آهن. مان پنهنجي آتم ڪٿا اتي روڪيان ٿو. ڪجھہ ڏينهن کان منهنجو پٽ سليم ۽ هن جا ٻار لاهور ويل آهن ۽ ڪجھہ ڏينهن کان گھر ٻُسو ٻُسو ٿو لڳي. ٽئي ڇوڪريون ڪنول، ماه رخ ۽ بشريٰ منهنجي ڌيءَ ياسيمن جون ڌيئر آهن. ڪنول فرسٽ ايئر ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي آهي، ماھہ رخ ڇهين ڪلاس جي فرسٽ ٽرم ۾ اسي سيڪڙو مارڪون کنيون آهن. بشريٰ جنهن کي اسين بشن چوندا آهيون. جا هاڻي کان ئي پاڻ کي ڊاڪٽر چوندي آهي، اها ڪي. جي 2 ۾ پڙهندي آهي. هو پيءُ سان گڏجي آيون هيون. جو حيدرآباد ۾ انجنيئر آهي ۽ زال سوڊو عمري لاءِ وڃڻ ٿو چاهي ۽ ان لاءِ موڪل منظور ڪرائڻ لاءِ سنڌ سيڪريٽريٽ ويٺو هو. هن جي وڏي ڌيءَ انٽرميڊيئيٽ سائنس ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ آئي آهي ۽ سندس سيني کان وڏي ڌيءُ روماسا فرسٽ ايئر ايم. بي. بي. ايس ۾ آهي. ڪيس ٻئي سال ڪنو امتحان ڏيڻو آهي. ڪنول کان ننڍي سونيا ائين درجي ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي آهي ۽ هاڻ نائين ڪلاس ۾ وئي آهي.

منهنجي ٻي ڌيءَ ڊاڪٽر روحي، ڊاڪٽر الطاف ڪيڙي سان شادي ڪئي آهي ۽ اها بہ جلد اچڻي آهي. هن جي وڏي ڌيءَ رابيل بہ ڇهين ڪلاس ۾

فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي آهي. هاڻي ستين ڪلاس ۾ وئي آهي. هن جو وڏو پٽ روحيل ڪلاس چوٿين ۾ آهي، ان کان ننڍو سرمد ڪلاس ون ۾ آهي ۽ هن جي ننڍي ڌيءَ ڪومل ڪي. جي. ون ۾ آهي. هوءَ ڏاڍي چيڙاڪ آهي ۽ مون هن تي چٽنگ نالو رکيو آهي.

منهنجو ننڍو پٽ سليم، جيڪو ڊاڪٽر آهي، مون سان گڏ رهندو آهي. هو ويانا مان ڊپلوما وٺي آيو آهي ۽ هن کي پنهنجي پنجابي زال لبنا مان ٻه ڌيئر نين تارا ۽ پرهہ آهن. نين تارا ڇهين ۽ پرهہ پهرين ڪلاس ۾ آهي.

منهنجي ٽين ڌيءَ نگهت کي ٽي ٻار هئا. پر هن جي فرشتي صفت ڌيءَ شفق اوچتو گذاري وئي ۽ هن کي ٻہ پٽ جهانزيب ۽ شاهزيب آهن. سندن پيءُ جو نالو اورنگزيب آهي، جو ڪراچيءَ ۾ باغات جو ڊئريڪٽر آهي. منهنجي ٻئي پٽ انيس کي ٻہ پٽ شهريار ۽ شاهہ رخ آهن، جي ٻہ انگريزي اسڪول ۾ پڙهندا آهن ۽ هڪ ڌيءَ نينا نالي آهي، جا ٻہ پڙهندي آهي.

قطع ڪلامي معاف، مون کي وقت سارُو پنهنجي ٻارن جو تعارف ڪرائڻ لازمي ٿي لڳو. منهنجي طلاق ڏنل گهر واري اقبال مان مون کي ٽي ٻار آهن. مونس، جو آمريڪا ۾ پڙهندو آهي، تنهن جو ذڪر مان ڪجهہ وقت پوءِ ٿو ڪريان. وينگس، جا ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر آهي ۽ سرمد جو نئشنل بئنڪ ۾ آفيسر آهي. پر اڳينءَ ڀاڄ جو ذڪر زرينا کي نہ ٿو وڻي، جنهن سان شاديءَ جي اجازت بہ مون زرينا کان نہ ورتي هئي، ان ڪري هن حصي ۾ ان جو ذڪر نہ ٿو ڪريان.

هونئن تہ شاعر جي صحيح معنيٰ ۾ تخليق شاعري آهي، جنهن جي محرڪ جذبي ۽ هن جي ماحول سان آشنائي ضروري آهي. مون کي هر ٻار لاءِ محبت ۽ شفقت آهي، پر پاڻ کان وڌيڪ پنهنجو ماحول وڌيڪ پيارو اٿم. سو موتي ٿا هلون، ان مٿيءَ ڏانهن، جنهن مٿيءَ مون کي ۽ منهنجي وڏن کي جنم ڏنو هو. ايتري عرصي جي جدائيءَ جي باوجود، جا منهنجي روح ۾ ايتري رچيل آهي، جو منهنجي سٽ سٽ ۾ موجود آهي. هُر شهر ۽ ديس، ڪنهن نہ ڪنهن فاتح ٻڌو آهي. اصل حقيقت پاڙو اوڙو آهي، جو ماڻهوءَ جي نفسيات ۾ آهي. ماڻهوءَ کي پاڙي اوڙي کي آغوش ۾ آڻي ۽ پوءِ شهر، ديس ۽ ساري ڪائنات کي آغوش ۾ آڻڻ گهرجي. اسان جون تصوراتي طبيعتون اسان جي نفسيات جي خلاف آهن.

هر آرٽسٽ هر ٻئي ماڻهوءَ وانگر آخر ۾ مٽي آهي ۽ غالب وانگر ڪنهن کي يقين نہ آهي تہ اها صورت جا خاڪ ۾ ڇپي وئي، لالہ وگل ۾ نمايان ٿيندي بہ يانہ؟

هاڻي مون جڏهن پنهنجا نوٽ بوڪ کوليا آهن تہ ائين پيو لڳي تہ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ لکڻ لاءِ مون ڏهہ ڀيرا ڪوشش ڪئي هئي ۽ اهي لوٽيانيون ڇميون ياد ڪيون هيون، جن کي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن منهنجن ڇپن کي ڪارو ڪري ڇڏيو هو. باقي نوٽ بوڪ جي حصي تي نظم لکيل آهن. انهن ۾ هيئيون نثري نظم بہ آهي، جو پتو نٿو پوي تہ منهنجو آهي يا ترجمو آهي:

ڪنهن پرڏيهي پکيءَ وانگر
مان پنهنجي ڳوٺ ۾ بہ
مسافر وانگر ننڍ ڪندو آهيان.

دراصل شاعر جي حيثيت ۾ منهنجي شاعري ئي منهجي سوانح عمري آهي، پر شاعريءَ جي فدائيءَ جي، شاعر جي زندگيءَ ۾ دلچسپي ٿئي ٿي ۽ هو ڄاڻڻ چاهي ٿو تہ هن جي شاعريءَ ڇي پس منظر ۾ ڇا آهي؟ جي شاعر پنهنجي باري ۾ ڪجهہ لکڻ نہ ٿو چاهي تہ ٻيا هن جي موت ڪان پوءِ لکڻ ٿا چاهين ۽ ڇتي ڇتي ڳنڍي رلهي ٿا ڏاهن. ماڻهو پنهنجي آپ- بيتي پاڻ لکي تہ اها هن جي زندگيءَ جي مؤثر تصوير ٿيندي. غالب جا خط هن جا بهترين آئينہ دار آهن، بنسبت مولانا حاليءَ جي ”يادگار غالب“ جي يا عبدالرحمان بجنوريءَ ۽ ٻين جي ڪتابن جي، جيڪي غالب جي باري ۾ لکيا ويا آهن. ٽئگور، ٽالسٽاءِ، گورڪي وغيره جون يادگيريون ان ڪري ئي دلچسپ آهن، ڇوتہ هو پنهنجي دؤر جا عيني گواهہ هئا. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪي شاعر ڪبير وانگر چوندا هئا:

بيد موا، روڳي موا، موا سب سنسار،
ايڪ ڪبيرا نا موا، جنهن ناهين روئڻهار.
(ويج مئو روڳي مئو مُئو سب سنسار
هڪ ڪبير نہ مئو جنهن جو ڪونهي روئڻهار.)

اهي اهڙا شاعر هئا، جن کي پاڻ ڪان پوءِ ڪنهن بہ روئڻهار جي ضرورت ڪانہ هئي ۽ جن لاءِ پنهنجي ذات جي تڪميل ئي انهن جي منتها هئي.

مون کي ساري زندگي اهو احساس رهيو آهي تہ جڏهن مان هين مصروفيتن جي ڪري پچان ٿو تہ شعر منهنجو انتظار ڪن ٿا. شاعري گهٽيءَ جي موڙ وٽان ليٽو پائي ڏسي ٿي ۽ ان لاءِ منتظر آهي تہ هي ڪڏهن ٿو مڙي ۽ دنيا جا ڏنڊا هن لاءِ بي معنيٰ ٿي وڃن.

مان پنهنجي 1982ع جي ڊائريءَ جي وچ تان لکان ٿو تہ 31 آڪٽوبر تي لکيل هيٺينءَ تحرير تي نظر پوي ٿي. "انسان کي ڏاڍي دير سان معلوم ٿئي ٿو تہ زندگيءَ جي اهم ترين حقيقت موت آهي. هن جي زندگيءَ ۾ اهڙو وقت بہ اچڻو آهي، جڏهن اميري غريبي، بورجوازي پرولتاري، اوچائي ۽ نيچائيءَ جو فرق ڪائي معنيٰ نہ ٿو رکي ۽ جي ڪوئي فرق معنيٰ رکي ٿو تہ اهو اگهائيءَ ۽ سگهائيءَ جو آهي. ڏس! هُو لينن فالج ۾ بستري تي پيو آهي ۽ ڳالهائي نہ ٿو سگهي ۽ پنهنجي زال ڪروپسڪايا (Krupskaya) کي اکين جي اشاري سان پنهنجي ڪنهن ضرورت ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. شايد هن کي ياد ٿو اچي تہ زار جو موت هن کان گهڻو آسان هو جنهن جي ڇاتيءَ تي گولي پوري دم جو نشان ڇڏي وئي هئي ۽ هن جي زندگيءَ کي هڪ اڌوريءَ سٽ وانگر بي معنيٰ ڪري نہ وئي هئي."

اوچتو منهنجي نظر هڪ ڪتاب تي پوي ٿي، جو ڪافي وقت کان بوڪ شيلف تي پيو آهي، جيڪو منهنجي پٽ مونس آمريڪا مان مون کي موڪليو هو. مون کي شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جي اڳئين وائيس چانسلر حميد سنڌيءَ ٻڌايو هو تہ هن مونس ڏانهن ڏنل ايڊريس تي خط موڪليو هو. خط موٽي آيو هو ڇو تہ هو اتان هليو ويو هو. مون هن جي ماءُ کي 1965ع ۾ طلاق ڏني هئي ۽ مونس زياده تر زندگي مون کان الڳ گذاري آهي. هو نهايت چڱو ادبي ذوق رکندو آهي. هن کي انگريزيءَ تي ايتري دسترس آهي، جو هن منهنجي شاعريءَ جا ڪجهہ ترجما ڪيا ها، جي مشهور ٽراٽسڪائيٽ طارق عليءَ جي پيءُ مظهر علي خان لاهور مان نڪرندڙ پنهنجي هفتيوار ويو پوائنٽ (View Point) ۾ پهرئين صفحي تي ڇاپيا ها. هن جي ادب سان دلچسپيءَ، دوريءَ جي باوجود مون ۾ هن لاءِ دلچسپي برقرار رکي آهي.

جنهن ڪتاب جو مون ذڪر پئي ڪيو ان جو نالو آهي: Things I meant to say to you when we were old (اهي ڳالهيون جي مون

توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيون، جڏهن اسان پيرسن ٿي چڪا هياسين.) ان ڪتاب جي مصنفہ ميرٽ مئلاءِ (Merrt Malloy) آهي ۽ ان ڪتاب جي پهرين صفحي تي لکيل آهي:

Not only because we may not grow old together. But because we may not grow old at all.

(نہ فقط ان ڪري تہ متان اسان گڏجي پوڙها نہ ٿيون،
متان انڪري تہ اسان پوڙها ئي نہ ٿيون.)

زرينا ۽ مان جڏهن ننديڻ ياد ٿا ڪريون تہ ائين ٿو لڳي تہ اسان پوڙها نہ ٿيا آهيون. غالب جو هڪ شعر آهي:

ہے رو میں ہے رخش عمر کہاں دیکھئے تھمے
نا ہاتھ باگ پر ہے، نا پا ہے رکاب میں

(عمر جو گهوڙو ڊوڙي رهيو آهي، ڏسجي تہ ڪٿي ٿو ٽڪجي بيهي، نہ هٿ واڳ ۾ آهي، نہ پير رڪاب ۾ آهي.)

في الحال تہ پنهنجو هٿ واڳ تي ۽ پير رڪاب ۾ پيل آهي. خدا جو شڪر آهي، جو مان ۽ زرينا گڏ پوڙها ٿيا آهيون يا پوڙها ئي نہ ٿيا آهيون ۽ پنهنجيءَ ننديءَ وهيءَ کي ترو تازه گلاب وانگر سُنگهي ٿا سگهون. هاڻي مان ٻنهي جي گڏيل آتم ڪهاڻي جاري رکان ٿو.

اسان جي گهرن ويجهو يا اسان جي گهرن جي ڪجھ پنڌ تي، نيرولي، پاتولي، کهنباتي، ٽانارا، ڪوري، پيجارا، ڊکڻ، ڪنير، حجام، لوهار بهشتي، ڪمانگر، اُستا، پساري، وينجهر، سونارا، صراف، چوڙيگر، باغائي، مجاري، ساڳائي، ڪتاڻ وارا، قيمائي، حلوائي، لنگها، دهلاري، دايا، جوڳي، سوچي، قلعي گر، کٽي، ڌوبي، پوڳڙي، تيلي، راڏا، واڍا، راڳي، شرنايا، مولودي، ويڄ ۽ طبيب رهندا هئا. دراصل مون کي پِتائيءَ وارو گهماگهميءَ ۽ تنوع وارو ماحول ميسر ٿيو. اسان جي گهر کان ٻہ سؤ قدم پري هڪ پوڳڙيءَ جو دڪان هو جتي هو ٽئي ۾ وارِي وجهي پڳڙا پُڇندو هو. جهڙا اسان کي جئوير الهاس ننگر ۾ ڪارايا ها ۽ چاڪاڻ جو اهي زرينا کي ڏاڏا وٺيا ها تہ ڪيس هڪ ڪلو پڳڙا تحفي طور ڏئي ويو هو جي ڪيس پنجاھ رپئي مليا ها. زرينا پڳڙا چاھہ سان کائيندي آهي، سو مان کيس ڪلفٽن جي گهر هيٺان ريڙهيءَ

واري ڪان سورهين رپئي سير پڳڙا وٺي ڏيندو آهيان، جن ۾ ٽي حصا تہ رڙا هوندا آهن، جي اسان ڦٽي ڪندا آهيون. شڪاپور ۾ پڳڙن، ترن ۽ چانورن جون لايون بہ پوڳڙين وٽ ملنديون هيون، جي اسان وري تڏهن کاڌيون، جڏهن پوني ۾ زرينا ريٽا شاهاڻيءَ جي سس کان طبيعت پڇڻ هلي، جنهن جي ٽنگ حادثي ۾ ڀڄي پئي هئي ۽ اجا سڌي نہ ٿي هئي. ريٽا شاهاڻيءَ جي سس (نالو وسري ٿو وڃي.) ريٽا جي مڙس وشنو شاهاڻيءَ جي سڳي ماءُ هئي، پر هن جو الڳ گهر هو جتي نوڪرياڻي هن جي ٽهل ٽڪور ڪندي هئي. هوءَ ويل چيئر ۾ ويٺي هئي ۽ زرينا سان بيحد پيار سان ملي هئي. هن زرينا کي چيو: "جڏهن کان تنهنجي اچڻ جي خبر پئي آهي، تڏهن کان مان تنهنجو انتظار ڪندي رهي آهيان." ۽ پوءِ نوڪرياڻيءَ کي چيائين: "مهمانن لاءِ ڪجهہ مٺائي ڪٺي اچ."

مٺائيءَ ۾ تل شڪڙي (پڳڙن جي لائي) دندان گيري حلوو ۽ پستن جي مٺائي هئي. تل شڪڙي سچي گيهہ جي هئي ۽ اسان کي شڪاپور جي ياد اچي وئي. زرينا تڏو ساهہ پري چيو: "ڪراچيءَ ۾ گريس جي ٺهيل مٺائي ٿي ملي. هڪ ديوان جو شڪارپور لکيدر تي دوڪان هو جيڪو پوءِ ڪراچيءَ ۾ مٺائي ٺاهي وڪڻندو هو ان کي بہ ڪنهن شاهينگ گولي هڻي ماري وڌو هو."

مون هن کي چيو: "تاريخ اسان جي مخصوص ڪلچر سان گڏ اسان جو ماضي بہ اسان کان کسي ورتو آهي" علامہ اقبال تہ چٽي سگهندو هو:

"دوڙ پيڇهي کي طرف اي گردش ايام تو."

(اي ايام جي گردش، پٺتي ڊوڙ.)

اسان تہ جڏهن ساروڻين (Nostalgia) وقت اها ڳالهہ سوچي تہ گردن زدني سمجهيا وياسون. ريٽا شاهاڻيءَ وٽ پوني ۾ رهائش جو ذڪر مون 'ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان' جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي.

هڪ ڳالهہ ان ۾ مون نہ لکي هئي تہ شهاڻي فئمليءَ جو دوست عطرسنگتياڻي وڏو مالدار شخص هو. هن پوني کان سٺ ميل پري، سرڪار لاءِ هڪ پاڻيءَ جو ڊئم ستر ڪروڙ رپين ۾ ٺهرايو هو. ان ڊئم جي پرسان هن هڪ ڪالوني ٺهرائي هئي، جنهن ۾ هن جا مزدور، ڪارندا ۽ انجنيئر رهندا هئا. اتي کُلي هوا، نيرو آسمان، چوڌاري پهاڙيءَ تي سرسبز زمين ڏسي، منهنجو زندگيءَ جو ٿڪ لهي ويو هو. هن ڊائيننگ هال ۾ اسان لاءِ ڪافي

سوادي لنچ ڪئي هئي. مان پانيان تو تہ پوني ڏانهن موٽندي، هن مون کي شيواجيءَ جو قلعو ڏيکاريو هو جو پهاڙيءَ تي ٺهيل هو. شيواجيءَ جو مجسمو بمبئيءَ جي، شاهراهہ تي ڪتل آهي. ان وقت سچ لهي رهيو هو ۽ ان تي ڪِرڻا ائين تي لڳا جڻ شيواجيءَ جا واگهہ ـ نک افضل خان جي پٺيءَ ۾ کپي ويا ها، جنهن مان خون ڏارون ڪري نڪري رهيو هو. مون خشونت سنگهہ ۽ روميلا ٿپر جا ۽ ٻيا ڪيئي انڊيا جي تاريخ تي ڪتاب پڙهيا آهن، پر ڇا اسان وٽ ڪو اهڙو مؤرخ ٿيندو جو انهيءَ خونچڪان تاريخ جي ديانتداريءَ سان عڪاسي ڪري.

وشنو شهاڻيءَ کي پوني ۾ پنهنجو ڪتاب گهر آهي. هن مون کي (The Future Experiences of Nostredames) ناسترڊيمس جا مستقبل جي باري ۾ محسوسات، جا ٻہ جلد ڏنا ها، جن ۾ 15هين صديءَ ۾ مستقبل جي باري ۾ هن جون ڪيل ساريءَ دنيا جي باري ۾ پيشنگوئيون هيون. مون ڪراچيءَ مان هن جي زندگيءَ تي ويگابانڊ پرافٽ (Vegabond Prophet) نالي ناول بہ خريد ڪري پڙهيو هو. ناسترڊيمس جي آخري پيشنگوئي هئي تہ هيءَ دنيا ويهينءَ صديءَ جي آخر ۾ ختم ٿيندي. ڪيئن ڇئجي؟ پر حالتون تہ اهڙيون ٿيون نظر اچن، چون ٿا تہ هن جون ٻيون پيشنگوئيون تہ صحيح نڪتيون آهن. گذريل مختصر عرصي ۾ نيوڪلائي سائنس جيتري ترقي ڪئي آهي، اوتري ترقي ڪنهن بہ وقت سائنس نہ ڪئي هئي.

ڪٿي شڪارپور، ڪٿي پونو! ٻنهي کي ٽُل ـ شڪرڙيءَ جي ياد ملايو جا هندو پوڳڙي ناهيندا هئا. اسان مٿي ذڪر ڪيل پوڳڙيءَ وٽان مڪئيءَ جي داڻن جا ڦلا، مرملا، آيون ۽ سٽون بہ هڪ ٻن آنڪين ۾ پاند پري وٺندا هئاسين. هو مڪئيءَ کي گرم تئي تي ڦولاريندا ها ۽ انهن جي ياد ڪيئي سال پوءِ منهنجي هڪ گيت ۾ اُپري آئي هئي.

جت سچ ڦلا تي نڪري ٿو
۽ آڳ اُلا تي نڪري ٿو
جت ڏينهن ڪڙهائيءَ جيئن ڪڙهن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي!

شانتي نالي هڪ ڇوڪري، جا ڪنهن پوڳڙيءَ جي ڌيءُ هئي، نيو ايرا

اسڪول ۾ مون سان گڏ پھرئين ڪان چوٿين انگريزيءَ ۾ پڙهندي هئي. سندس پيءُ ڪٽر ڪانگريسي هوندو هو. هڪ پيري رسيس دوران، جڏهن ٻيا ڇوڪرا ماني يا ٻيون شيون کائڻ لاءِ ڪلاس کان ٻاهر هليا ويا، تڏهن هوءَ مون سان بئنچ تي اڪيلي گڏجي ويٺي هئي. هن نهايت معصوميت سان مون کان پڇيو: ”مبو (منهنجو ڄمر جو نالو مبارڪ آهي ۽ پيار مان مون کي مبو ڪوئيندا ها) توکي ڄاڻ آهي تہ ڇوڪرو ڇوڪري شادي ڇو ڪندا آهن؟“ مون بہ نهايت معصوميت سان جواب ڏنو تہ: ”نہ، توکي خبر آهي؟“ هن چيو: ”هائو.“ ۽ پوءِ هوءَ منهنجي ويجهو وڃي آئي ۽ سس پسس ڪري، ڪجھ اسرار ۽ رمزون سمجهائيندي رهي، جيستائين اسڪول جو گهنڊ وڳو ۽ هوءَ سُري ويٺي ۽ ڇوڪرا ڪلاس روم ۾ هڪٻئي پٺيان داخل ٿيا.

شڪارپور ڪجھ ٻين محنت مزدوري ڪندڙن جي باري ۾ مون زريا کان ڳالهيون پڇيون، تڏهن جڻ علي بابا چيو: ’کل جا سم سم.‘ زرينا وڏيڪ ياد ڏياريو تہ اسان جي پرسان ڪنير رهندا هئا، جي آويءَ ۾ دلا، گهگهيون، مٽ، ڪوُنرا، پاٽيون، دکيون، چلمون، حقا، ڦل، مشعلان (جنهن کي عوام الناس مشالان چوندا آهن) ڏيئا، ڪونڊا، جمنيون، پاٽڙا، دانگيون، چلهيون، ڪُپڙا، ڍڪڻ، ڍڪٽيون، ڪمرا، پنڊارا، پٿلا وغيره پچائيندا هئا. مون جيڪي ڏنو هو اهو حافظ ۽ خيام بہ نہ ڏنو هو جن صرف ڪوزي ۽ صراحيءَ جو شاعريءَ ۾ ذڪر ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ مون ٿورا شعر فارسيءَ ۾ ڏنا آهن، ڇو تہ اڄڪلھ نوجوان فارسي پڙهي نہ ٿا سگهن ۽ نہ پريس ڪمپازيٽر ان کي صحيح طور ڇاپي ٿا سگهن. مون جڏهن اها ڳالھ پنهنجي دوست محمد ابراهيم جويي سان ڪئي هئي، تڏهن هن چيو هو تہ: ”تنهنجي نثر ۾ قندِ فارسيءَ جي ملاوت حيرت انگيز آهي، ان ڪري ضرور ڪئي وڃي.“ هونءَ تہ مون ڪنيارڪيءَ ڪار جي باري ۾ فقط ڀٽائيءَ جو هيٺيون بيت پئي ڏيڻ چاهيو:

”نهائينءَ کان نينهن، سک منهن جا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري“

ڀٽائي بہ ڀٽائي آهي، پر حافظ ۽ خيام بہ حافظ ۽ خيام آهن. ڀٽائيءَ وانگر مون بہ ڪنير جو سارو ڪاروبار ڏنو هو. مان تہ هنن جي دڪان تي، مٿي ذڪر ڪيل شيون بہ تفصيل سان ڏسندو رهيو هوس. هاڻ حافظ جو هڪ شعر ۽ خيام جي هڪ رباعي ذاتقي متاثر لاءِ لکان ٿو. جيتوٽيڪ اهي

حسب حال آهن.

در این زمانه رفیقی که خالی از خلل است
صراحی و مئہ ناب وسفینہء غزل است

(هن زماني ۾ اهو رفيق جنهن ۾ خلل نہ آهي،
صراحي، مئي ناب (خالص شراب) ۽ غزل جو ٻيڙو آهي.)

صراحي ۽ مئي ناب تہ پاڻ ڇڏي ڏني آهي ۽ غالب وانگر اسان کي ’روزِ ابر ۽ شبِ ماهتاب‘ ۾ بہ نصيب نہ آهي. پر غزل جو سفينو (ٻيڙو) اڃا روان دوان آهي. اهو حافظ جو شعر موجوده دؤر ۾ وڌيڪ بامعني! ٿو لڳي. صبح جو اخبار پڙهڻ کان دل ڪيٻائي ٿي. دهشتگردن جي هٿان بي درديءَ سان خون، دهشتگردن جا خون، باهيون، بسون، موٽرون ڪنهن آتش نمرود ۾ جلندا نظر اچن ٿا. ٻار ٻڍا، زالون، گولين جو کاڄ ٿي رهيا آهن. چوڌاري موت مينهن وانگر وسي رهيو آهي. ڏوئو خون سان رستا ڏوئو جيئن ٿاڪ منجهند جو ڏرتي شفق رنگ ٿي وڃي! پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ڪنهن ڄاتو هو تہ هيئن رت جون پچڪاريون هنيون وينديون. انسان جي خون سان هولي کيڏي ويندي ۽ مملڪت خداد پاڪستان کي خدا اتي پهچائيندو جتي اها آتش و آهن ۾ هن وقت نظر اچي رهي آهي ۽ تاريخ ۾ هڪ وڏي سواليہ نشانيءَ وانگر ايري اچي ٿي. هي هڪ ٻئي کي ناس ڇوٽا ڪن؟ امام بارگاهون ۽ مسجدون بہ خون ريزيءَ کان آجيون نہ آهن! ڪهڙي گناهہ جي اسان کي سزا ملي رهي آهي؟ نہ رڳو اسان وٽ، پر پوريءَ دنيا ۾ انسان جو رت رائيگان وڃي رهيو آهي:

این چہ شوری ست کہ دوَر قمر می بینم
ہمہ آفاق پراز فتنہ و شر می بینم.

(هي ڪهڙو شور آهي جو ننڍ مان چنڊ جي ڦيري ۾ ڏسي رهيو آهيان ۽ پوري آفاق ۾ مون کي فتنو ۽ شرِ نظر اچي رهيو آهي.) (حافظ)

ڇا ناسترڊيمس جي پيشن گوئي سچي ٿي رهي آهي. ڇا قيامت ويجهي آهي ۽ هيءَ ڌرتي تڏي وانگر ويڙهبي؟ دل چوي ٿي تہ شاهي باغ ويجهو هجي ۽ ان جي ڇپرتي ليٽي لهندڙ سج کي ڏسان، هي قلم پري اڇلائي ڇڏيان، ڪجهہ نہ ڪريان، ڪجهہ بہ نہ سوچيان، جيستائين ڌرتي اوندهہ ۾ ٻڏي وڃي.

ڪنڀر جي ڳالهہ نڪتي تہ خيام جي هڪ رباعي ياد آئي:

اين کوزه چون من عاشق زاری بوده است
در بند سر زلف نگاری بوده است

این دسته که در گردن اسود بینی
دستی ست که در گردن یاری بوده است

(خيام)

(هي ڪوزو جو مون وانگر عاشق زار رهيو آهي،
محبوب جي زلف ۾ گرفتار رهيو آهي
هن جي ڪاري ڳچيءَ ۾ جيڪو هٿيو ڏسين ٿو
اهو ساڳيو هٿيو آهي، جو ڪنهن وقت يار جي ڳچيءَ ۾ پيل رهيو آهي.)

ظاهر آهي، عاشق هجي يا معشوق، فنا ٿيڻي جو مقدر آهي ۽ هر خاڪي انسان خاڪ سان ملي ويڄڻو آهي، جنهن مان ڪوزه گر (ڪنڀر) ڪوزا ٺاهي ٿو.

مون ڪنڀارڪي ڪار کي غور سان ڏٺو آهي. هو مٽيءَ کي اول ڪٽيندا هئا ۽ ان مان گند گاهہ ڪڍي . ڳوهي پنوڙا ٺاهيندا هئا، جن جو مقدار انهيءَ ٿانءَ جيترو هوندو هو، جيڪو هنن کي جوڙڻو هوندو هو. پوءِ چاڪ جي مٿين پڙ تي اهو چاٽو رکندا هئا ۽ هيٺئين پڙ کي پيرن سان ڦيرائي، پنوڙي کي هٿن سان گهربل شڪل ڏيندا هئا ۽ ان کي ٺپٽي هٽي، اندر هٿ وجهي ٺپٽيءَ سان وڌائيندا هئا ۽ وري وجهي اس تي رکندا هئا ۽ جڏهن اهي سڪي ويندا هئا تہ انهن کي الڳ الڳ رنگ ڏيندا هئا ۽ چٽسالي ڪندا هئا ۽ پوءِ آوي يا نهائينءَ جي تياريءَ ۾ لڳي ويندا هئا. ٻڪرين جي پاهہ ڪٽان ڪٺي ڪري، اچي آويءَ پرسان ڍير ڪندا هئا. آويءَ اندر پاهہ پٿاري، ڪچن ٿانون کي ترتيب ڏئي وري انهن مٿان پاهہ پٿاريندا هئا ۽ ٻارڻ جو تهہ ڏئي، آويءَ مٿان مٽيءَ جو تهہ ورائي، باهہ ڏيندا ها. آويءَ هيٺان ننڍڙي سرنگهہ هوندي هئي، جنهن ۾ باهہ ٻاريندا ها. جي ٿوري پاهہ ۽ ٻارڻ وڌيڪ هوندو هو تہ ڊلو يا ٿانوَ ڪارا ٿجي ويندا ها ۽ اهو ٿانءُ پيلو ٿي پوندو هو ۽ وڄائڻ ۾ ڊانڊيو لڳندو هو ۽ جيڪڏهن باهہ پوري نہ هوندي هئي تہ ٿانءَ ڪچا رهجي ويندا ها. ڪنڀر رات جاڳي آويءَ جي نظرداري

ڪندا ها ۽ جاچي ڏسندا ها ته ڪٿي باهه گهٽ لڳي آهي، ڪٿي وڌيڪ ۽ ان کي گهربل باهه اندر وڌل ڪاٺين سان گهٽ وڌ ڪري سگهندا ها.

ائين ٿو لڳي زندگيءَ مان رومان نڪري ويو آهي، اڄڪلهه مشين ماڻهوءَ جي جاءِ ورتي آهي. ڪارون به روبوٽ تي تيار ڪري رهيا آهن. صنعتي انقلاب انسانن لاءِ رحمت نه، پر زحمت ٿي آيو آهي. نه گهرجن مون کي اهي پلاسٽڪ جا ٿانوَ! پري ڪريو اهي جنات جيڏيون مشينون ۽ مون کي اڳيون دؤر موٽائي ڏيو. مون کي پنهنجي معصوميت موٽائي ڏيو. نه گهرجي مون کي اوهان جي ترقي پسنديءَ! آمريڪي مفڪر ٿارو ۽ مهاتما گانڌي ڪيڏو نه صحيح ها! گانڌيءَ جو چرخو زندگيءَ کي ڪيڏي نه معنيٰ ڏيندو هو. ٽالسٽاءِ جي هارين سان قربت ۾ ڪيتري نه انسانيت هوندي هئي؟ هي مشيني دؤر شاعريءَ جو قاتل آهي. آمريڪا جي وليم ڪارلوس وليم کان وٺي روس جي ووزني سينسڪيءَ تائين هر نظم چڻ هڪ مشين آهي. جنهن ۾ هر سٽ چڻ ڪنهن ڪل پرزي وانگر لڳي رهي آهي.

مون کي منهنجي ساڳي شڪارپور موٽائي ڏيو جتي ٺاٺارا ڪُٽِ جا ٿانءَ، ٽامي جا وٽا، تسريون، پاٽيون، ديڳڙا، ٿالهيون، چلمچيون، بدنا، لوٽا، چؤنريون، ديڳيون، ٿالهه، تيون، ڪفگير، ڪيوٽيون ۽ دہلا ٺاهيندا ها. اهڙا ڪُٽِ جا ٿانءَ مون هندوستان جي ناسڪ جي برتن بازار ۾ ڏٺا ها. اهڙيءَ طرح مون ٻين ڏنڊي وارن کي غور سان ڏٺو هو. منهنجي دوست نعيم صديقيءَ جو گهر لوهرن جي پاڙي پرسان هو جتي منهنجو روز وڃڻ ٿيندو هو. لوهرن جي پاڙي ۾ ڏنوٽيون ڏڪيون هيون. ڪٽ ڪڙهندي هئي. لوهه سنداڻ تي رکي، وداڻ سان ڪٽي رڪ بڻايو ويندو هو. پرسان ڪاٺ مڏي هوندي هئي، جتي ڪاٺ جا بند ڪاراين سان چيري، تختا ٺاهيا ويندا ها ۽ ڪاٺ جي ٻوري ۾ اداس خوشبوءِ هوندي هئي ۽ ان کي ساري مون کي هڪ جين شاعر جو نظم ٿو ياد اچي، جو مون پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي پهرين حصي ۾ ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح پاٽولي پٽ جو ڌاڳو ڪتيندا ها ته مان انهن کان سندن ڏنڊي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪندو هوس. مون هڪ نظم ۾ پاٽوليءَ جي هٿن سان سپنن کي تشبيهه ڏني هئي.

”تنهنجا سپنا اهڙا، جهڙا پاٽوليءَ جا هٿ.“

اسان جي پاڙي ۾ نانگائي ۽ جوڳي بہ ايندا ها. انهن کي گيڙوءَ رتا چولا، هيٺان ڀڙل چوٽا، ڪنن ۾ عاج جا والا هوندا ها، انهن کي عاج يا لوهہ جا چوڙا، ڳچيءَ ۾ عقيق يا ڪاراڻ مائل عقيق جي مالها، جڏهن پيرن ۾ لوهي ڪڙيون ۽ چاکڙيون هونديون هيون. مرلين ۽ ڀنڊين جو تفصيل مان طوالت جي ڪري نہ ٿو لکان. قربان وڃان سنڌي سڀيتا تان!

مان جيڪڏهن سنڌ ۽ شڪارپور جي ساري سڀيتا تي لکان تہ بہ سؤ صفحا تہ لکي وڃان ۽ ڪتاب ڪي قدر وڏو ٿي ويندو. پيار علي الانا جڏهن شهيد ڀٽو جي حڪومت جي دؤر ۾ سنڌ جو وزير تعليم هو تڏهن مان هن جي گهر چاءِ تي ويو هوس. اتي هن مون کي شڪارپور جي ڪنهن سراءِ مان نڪتل ڪاٺ جو دروازو ڏيکاريو هو. جو هن ڏهين هزارين رپين ۾ ورتو هو ۽ ان جي مرمت ڪرائي هئائين. انَ تي ڏهاڪو هندو سنتن، ڪبير، نانڪ وغيره جون نهايت خوبصورت تصويرون اُڪريل هيون. مون اهڙي اُڪر جو ڪم بمبئي، دهلي ۽ راجستان جي ميوزم ۾ ڪٿي نہ ڏٺو.

هاڻي سنڌ جي هنرن ۽ ڪاريگريءَ کي ڇڏي، مان اچان ٿو زرينا تي. جي هوءَ منهنجي زال نہ هجي ها، تہ مان اها شاعري نہ ڪري سگهان ها، جا مون هن وقت تائين ڪئي آهي. هن منهنجي ڪري ڪيئي ڏک ۽ ڏولاوا سٺا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن جي نڙي گهٽجي وئي آهي ۽ هوءَ روئي بہ نہ سگهي آهي. ان هر اڻ چِلڪيل ڳوڙهي ۾ هڪ اٿاهہ سمنڊ سمايل آهي، جو ڏرتيءَ جيترا رومال بہ سُڪائي نہ ٿا سگهن. جيڪو منهنجي هر سٽ جي تخليق لاءِ فرصت جو باعث آهي. هن بيماريءَ جي بستري تي ڪيتريون راتيون جاڳي منهنجي خدمت ڪئي آهي. پيريءَ ۾ مون کي ڇهہ پيرا هارٽ اٽئڪ ٿي آهي ۽ هن ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽيٽيوٽ ڪراچيءَ ۾ ۽ مدايست اسپتال ۾ منهنجي ڀرپور خدمت ڪئي آهي ۽ موت جون واڇون چيريو، مون کي سندس وات مان ڪڍي ورتو اٿائين. انهن واقعن جو مان پوءِ ذڪر تڏهن ڪندس، جڏهن مان اُهي پندرهن سورهن واقعا لکندس، جڏهن قدرت مون کي ٽِرتان موت کان بچايو هو. پر اول جوانيءَ جو ذڪر ڪريان.

منهنجي ماءُ کي جڏهن ڪئنسر ٿي پيو هو تڏهن مان هن کي ميو اسپتال لاهور ۾ علاج لاءِ ڪٺائي ويو هوس ۽ اتي منهنجي هڪ پنجابي دوست مونس ۽ هن جي سؤٽين امان جي بيحد خدمت ڪئي هئي ۽ هوءَ

صحتياب ٿي آئي هئي. ڊاڪٽر مون کي چيو هو تہ هن کي زندگيءَ جا پنج سال وڌيڪ مليا آهن. بشرطيڪ هن کي ٻي ڪا بيماري نہ ٿئي يا ڪيس اها ڳالهہ نہ ٻڌائي وڃي تہ ڪئنسر ڇا آهي؟ هوءَ سکر ۾ مون سان گڏ رهندي هئي ۽ ست سال جيئري رهي. هن کي ڪئنسر وري اٿلي پئي ۽ مقامي ڊاڪٽرن جو اهو مشورو هو تہ هوءَ هاڻ لاعلاج آهي ۽ هن کي سفر جي زحمت نہ ڏني وڃي. هوءَ منهنجي گهر ۾ گذاري وئي. خدا کيس پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي. هن کي شڪارپور ۾ ڏوليءَ ۾ کڻي، منهنجي پيءُ جي قبر پرسان آبائي قبرستان ۾ دفنايو ويو. مون هن جي ڳوري ڪاٺ مان ٺهيل ڏوليءَ کي ڪافي وقت لاءِ ڪُلهو ڏنو هو ايتري قدر جو منهنجي ڪُلهيءَ جو هڏو ذري گهٽ ٽُٽي پيو هو. مان جڏهن قبرستان مان پاڙي ۾ موٽيو هوس، تڏهن مون کي سخت بخار هو ۽ يڪدم ڪار ۾ چڙهي علاج لاءِ سکر ويو هوس. ٽئين ڏينهن جڏهن بخار مليريا جي گورين سان نہ لٿو تہ منهنجي دوست ڊاڪٽر احسان رايو ڏنو تہ مون کي مُدي جو بخار آهي، ممڪن آهي تہ يارهين ڏينهن لهي وڃي. مون کي سخت پرهيز ڪرائي وئي ۽ مون کي روز رڳو ڇوزي جي يخني ڏني ويندي هئي، ان ڪري مان ڳري ڪنڊا ٿي ويو هوس ۽ جڏهن يارهين ڏينهن کان پوءِ مدي جي بخار (Typhoid) مان اٿيس تہ مان کٽ تي ٽنگون لڙڪائي بہ ويهي نہ سگهندو هوس. انهيءَ عرصي ۾ زرينا ڏينهن رات جاڳي منهنجي نرس وانگر خدمت ڪئي هئي ۽ هن کي ان ڳالهہ جو خوف نہ ٿيو هو تہ خود هن جي طبيعت ناساز نہ ٿي وڃي. هوءَ هڪ بيحد صابر ماءُ جي ڌيءَ هئي ۽ هن کي ننڍي هوندي کان اها تربيت هئي تہ ڇپن تي اُف بہ نہ آڻي.

اها تہ ڳالهہ مان ڳالهہ نڪتي ۽ مان اڳتي نڪري آيس. اسان جي گهر جي پرسان دمينتي ديويءَ جو اسڪول هو. شايد ان جو نالو ميران اسڪول هو ۽ هيڊ ماستر شايد سرڳواسي جهامنداس هوندو هو جو پوءِ سنڌيءَ جو برک اديب ٿيو.* اتي زرينا جون هندو ساهيڙيون وديا، ڀاڳي، ساوتريءِ رُڪي، سرلا، ڪوشليا وغيره پڙهنديون هيون. اسڪول ۾ اڪثريت هندو ڇوڪرين جي هئي. مان ان اسڪول جي ٻاهران بيهي ميران ٻائيءَ جا گيت ٻڌندو هوس ۽ هينيون گيت بار بار ٻڌي مون کي ياد ٿي ويو هو:

* جهامنداس "ياتيا"

### ڪٿي نہ پڄبو تڪُ مسافر

پگ پگ گھنگرو باندھے، میراں ناچی رے
ساس کہے میراں کُل ناسی
میراں کہے مئں بھگوان داسی
میرا درد نہ جانے کوئے!

(وک وک تي گھنگھرو ٻڌي ميران نچي تي،
سَسُ چوي تي تہ ميران ڪُل کي ٻوڙيو آهي،
ميران چوي تي تہ مان ڀڳوان جي داسي آهيان،
منهنجو درد ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي.)

زرينا اتي ست درجا سنڌي پڙهي هئي ۽ فائينل امتحان ۾ پاس ٿي هئي. ورهاڱي کان پوءِ هڪ وڏو طوفان آيو. نہ صرف جهونا ٻڙ پاڙئون پٽجي اونڌا ٿي، ڪِريا، پر نرم نازڪ وليون بہ اکڙجي ويون. ماٺهو ائين طوفان ۾ اڏامي ويا جيئن سڪل پن اڏامي ويندا آهن. هوا جا گهوگهاٽ ٿي رهيا هئا ۽ پکي آکيرا ڇڏي اڏامي ويا ها. رڳو چمڙا غارن ۾ اونڌا لڙڪيا پيا هئا.

وچ ۾ قطع ڪلامي ٿي وئي. مان ميران جي گيت "ميرا درد نہ جاني، ڪوءِ" جي ڳالھہ ڪري رهيو هوس. جڏهن مان ڪاليج ۾ آيس تہ منهنجي هندي ـ اردو گيت ۾ دلچسپي وڌي وئي. مُون کي ميراجيءَ جا گيت ڏاڍا وڻيا. هن جي وديا پتيءَ ۽ چندي داس جا ترجما ان وقت اردو رسالي 'ادبي دنيا' ۾ ڇپبا ها, جي پوءِ هن جي ڪتاب 'ديس ديس کي نظمين' ۾ ڇپيا. اردوءَ ۾ گيت جو پيارو سرجڻهار تنوير نقوي، منهنجي دوست رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جو گهرو دوست هو. تنوير جڏهن لاهور ۾ عشق ۾ شڪست کاڌي هئي، جنهن جو سجاد ظهير پنهنجي مشهور ڪتاب 'روشنائي' ۾ بہ اشارتاً ذڪر ڪيو آهي، تڏهن هن ماتليءَ ۾ رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ وٽ اچي پناھہ ورتي هئي. رئيس ساري رات محفل ۾ شراب پيئندو هو ۽ تنوير نقويءَ جا گيت ڳائيندو هو ۽ دف تي ايتري زور سان ٿاڦ هڻندو هو جو آسمان ۾ ستارا ڇرڪي ويندا ها ۽ پکي وڻن تي جاڳي پوندا ها.

رئيس نظاماڻي، مرحوم سائين جي. ايم. سيد جو دادلو هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن وٽ حاضري ڀريندو هو. مان هن کي هڪ صاحبِ ذوق انسان سمجهندو هوس، جو هو واقعي هيو بہ. هن ڀهرين سنڌي فلم 'ايڪتا' ۾

ميل (Male) آرٽسٽن ۾ پارٽ ورتو جنهن جو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب ”ڪيئي ڪتاب“ جي جلد پهرئين ۾ ’ايڪتا‘ فلم، واڊيا اسٽوڊيو ۽ اسين‘ جي سري هيٺ ڪيو آهي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ هن جي ساڳئي ڪتاب ۾ صفحي 311 تي ’ڏيپلائي، جوئي، اياز ۽ ٻين اديبن سان سٺر‘ جي سري هيٺ لکيل باب آهي. ان ۾ هن منهنجي شڪايت ڪئي آهي تہ ڪشتيءَ ۾ ماتليءَ ڏانهن ويندي، مون پنهنجن دوستن سان گفتگو تي ڪئي، جڏهن اسان قليليءَ مان وڃي رهيا هئاسين، تڏهن اسان هن جي چوڻ جي باوجود آسمان ۾ چنڊ ۽ پاڻيءَ ۾ ان جي پاڇي ڏانهن ڌيان نہ تي ڏنو ۽ ان کي بدذوقي ڪوٺيو آهي. مون پاڻ تي تنقيد تي (جا بي تحاشا ڪئي وئي آهي.) جيئرن کي ئي ڪڏهن جواب نہ ڏنو آهي، تہ مئي کي ڇا ڏيان! پر مون کي رئيس لاءِ عزت هئي ۽ ان ڪري هن جي وفات کان پوءِ سندس مشوري سان نااتفاقي ڏيکارڻ تي مان معافي تو گهران.

دراصل مون وانگر دنيا ۾ ٻيو شاعر ليوپارڊي (Leo Pardy) ٿيو هو جنهن چنڊ سان شديد محبت ڪئي هئي. پر چنڊ سان محبت ۽ ان جو علامت طور اظهار مون ليوپارڊيءَ کان بہ وڌيڪ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. اها ڳالهہ مون کي منهنجي اديب دوست گني سامتاڻيءَ بہ بمبئيءَ ۾ چئي هئي، جنهن جو ذڪر مون ’هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن‘ جي مهاڳ ۾ ڪيوآهي. مان جڏهن سکر ۾ هوس، تڏهن ليفٽ بئنڪ تي ٻن فيڊر واهن جي وچ تي ڪار بيهاري، اڌ رات تائين ڪنهن جي آغوش ۾ ويٺو هوندو هوس ۽ چنڊ ڪي لهرين ۾ لڙهندو ڏسندو هوس. ڪڏهن رات جو سکر ۾ ستين جي استان وٽان چنڊ کي سنڌوءَ جي سير ۾ ايترو وقت وهنجندو ڏسندو هوس، جيترو وقت روهڙيءَ جي شاعر ’بيڪس‘ هندو استرين کي سنان ڪندي بہ نہ ڏٺو هو. ان ڪري ئي اهڙي خوشگوار ماحول ۾ مون نہ صرف ٻاهريون منظر پئي ڏٺو پر دوستن سان گفتگو بہ پئي ڪئي، جن سان مان ڇتيءَ ڇهہ ماهيءَ ملندو هوس. ائين برابر آهي تہ رئيس نظاماڻي، گوتم ٻڌ وانگر پنهنجي انتر ڌيان ۾ ويٺو هو ۽ جرمن ناول نويس هرمن هيس جي مشهور ناول ’سڌارٿ‘ ۾ ذڪر آيل ٻيڙيءَ ۾ پنهنجي نرواڻ لاءِ وڃي رهيو هو. دوست نظر انداز ڪري فقط چنڊ ڏانهن تڪ ٻڌي نهارڻ مون کي مضحڪ خيز لڳندو آهي.

مون کي ميراجي ۽ تنوير نقويءَ جي گيتن کان سواءِ مقبول حسين احمد پوريءَ جا گيت بہ وڻندا ها, جي مان اردو رسالنَ ۾ پڙهندو هوس. مون کي نواب واجد علي شاهہ جي ناٽڪ 'اندر سڀا' ۾ شامل ڪيل امانت لکنويءَ جا گيت بہ ڏاڍا وڻيا ها. حفيظ جالندريءَ جو 'ڪاهن مرلي والي نند ڪي لال بنسري بجائي جا' بہ ڏاڍو وڻيو هو. مجيد امجد, جو هڪ خاموش طبع شاعر هو انهيءَ جا گيت بہ دلچسپ ها. قتيل شفائي, عبدالمجيد ڀٽي, تاج سعيد, ساحر لڌيانوي, احمد راهي, عادل پرديپ, جميل الدين عالي, قيوم نظر, طفيل هوشيارپوري, ناصر شهزاد ۽ نگار صهبائيءَ جا گيت بہ مون پڙهيا آهن. سنڌيءَ ۾ گيت صحيح معنيٰ ۾ مون پهريون ڀيرو لکيا. جيتوڻيڪ مون کان اڳ هوندراج دکايل ڪجهہ گيت لکي چڪو هو ۽ ڪجهہ هري دلگير بہ گيت لکي چڪو هو. مون پهريون گيت ”هاءِ پرين ياد آيا“ ڪراچيءَ جي سنڌي سرڪل جي ڪنهن محفل ۾ پڙهيو هو. لعل چند امر ڏنو مل, جو ميڙ جي صدارت ڪري رهيو هو, جهومي اُٿيو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ اهو گيت سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي 'مهراڻ' ۾ ڇپيو ڇو تہ هو پاڻ تن ڏينهن ۾ مهراڻ جو ايڊيٽر هو جنهن وقت عثمان علي انصاري بورڊ جو سيڪريٽري هو.

ڳالهہ ميران ٻائيءَ جي گيت تان نڪتي, جو ميران اسڪول ۾ ڳائيندا ها, جنهن ۾ زرينا پڙهندي هئي ۽ جنهن ۾ اڃا تائين پروفيسر جهامنداس جو پٽ لڇپت راءِ رهندو آهي. زرينا جون ساهيڙيون ورهاڱي کان پوءِ ڪڪ پن تي اڏامي ويون. انهن مان هن سان 'شاهہ سچل سامي' سيمينار تي فقط رُڪي ملي هئي, جا مشهور سنڌي اديب ٻلديو گاجرا جي ڀاڄائي هئي. ٻلديو گاجرا سنڌي ٻوليءَ لاءِ هندي لپيءَ جو حامي هو. جيتوڻيڪ منهنجا ڪيترا دوست عربي رسم الخط جا حامي هئا ۽ پنهنجو سنڌي تشخص قائم رکڻ تي چاهيائون ۽ سنڌ جي سنڌي ادب سان ناتو نہ ٽي ڇنڻ چاهيائون.

ٻلديو گاجرا, ڪشن چند بيوس جو وڏو مداح هو. هن مون کان پڇيو: ”ڪير وڏو شاعر هو ڪشن چند بيوس يا ليکراج عزيز؟“ مون جواب ڏنو: ”بيوس. عزيز تہ بحر وزن تي تڪبندي ڪندو هو. هن ترقي پسند اديبن لاءِ رشوت طور ڪجهہ شعر لکيا هئا, ان ڪري هو ڪيس اهميت ڏيندا ها.“

دراصل 'بيوس' جنهن جو 'شيرين شعر' ڪتاب اسان جي ٽئين درجي انگريزيءَ تي درسي ڪتاب طور هوندو هو ٽئين شاعريءَ جو باني هو:

”ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون بہ رهہ مان ڀي رهان،
آڻ من ورتيءَ ۾ ڦيري، تون بہ رهہ مان ڀي رهان.“

يا

”الا جهري مَر شال غريبن جي جهوپڙي“

يا

”هاءِ اج هند مٿان، ڏنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.“

هن اسان جي شاعريءَ لاءِ نوان افق کولي ڇڏيا. ڪنهن بيوقوف نقاد هن جي سلوڪن ”ڇنتا ڇڪيا ڪان ٻُري، هوءَ ٻري هيءَ ٻاري“ تي تنقيد ڪندي لکيو آهي تہ ’بيوس، ساميءَ جي نقالي ڪئي آهي ۽ انهن سلوڪن هن جي ساک کي ڇيهو رسايو آهي.‘ دراصل ساميءَ جي پوري شاعريءَ کان اها سِٽ ڀاري آهي، ان ۾ جهول نہ آهي ۽ روايتي ويدانتي شاعريءَ جو ورجاءُ بہ نہ آهي. انهيءَ سٽ مون کي اتساهيو هو تہ پنهنجا سلوڪ ساميءَ جي نالي لکان، جي ’ڪپر ٿو ڪُن ڪري‘ ۾ ڇپيا ها. ٻيا سلوڪ مون ٻوڏي پستڪ ’ڏمپد‘ کان متاثر ٿي ڇپيا ها. سنڌ جي سيتا تي سوچي سنڌ جي سورهيہ بداماٽي پنري، جنهن مغلن سان جنگ ڪئي هئي، ان تي ٽي بيت پٺائيءَ جا ٽا ياد اچن.

اج گهر جين يار بداماٽي پُنرا،
ڪاڇي ٻنهي پار ويرين واٽون لاٽيون.

—

اج گهرجين تون، بداماٽي پُنرا،
مٿان اڇي مون، ويرين لاٽون لاٽيون.

اج گهرجين هٽ، بداماٽي پُنرا،
ڪاڇي ڀڳي پٽ، ويرين واٽون لاٽيون.

(ڇا ڪوئي صوفي يا ويدانتي بہ بداماٽي پنرو تي سگهندو آهي؟ يا مان واٽ ڀلي ويو آهيان؟)

اياز هاڻي ڍيرو ويڙها! پتنگ ڏاڍو ڏور وڃي نڪتو آهي. ساروٽيون سميت ۽ پنهنجي پاڙي ۾ شڪارپور موتي آءَ! زرينا مون کي ڪيتري بہ پياري آهي، پر پوءِ بہ مون کي روسي افسانہ نويس چيخوف جا لفظ ڪنن ۾ گونجن پيا.

”هن لاءِ عورت ڪهڙي قيمت رکندي هئي، پرواهہ ناهي تہ هن کي ان جي ڪهڙي بہ ضرورت هجي، ڇو تہ هن جي ساري زندگي قلم ۽ ڪاغذ هئي.“

زرينا! مون توتي ايتري توجهہ نہ ڏني، جنهن جي تون مستحق هُئينءَ. گهر ۾ رهي بہ مون تي سارو وقت شاعريءَ جي ڪيفيت ڇانئي رهي. ان تي مون کي فرانسيسي شاعر پال ورلين (Paul Verleine) جو هڪ نظم ياد آيو:

”ڳاڙهہ سري اڱڻ ۾،
ڏياتيءَ جي جهڪي لاٽ،
ڏيان، جو سپني جهڙو هوندو آهي،
نهار، جا ٻيءَ اڪنديءَ نهار ۾ لين ٿي ويندي آهي.
چاءِ جي ٻاڦ ۾ لوڏيل ڪتابن جي ويلا،
سانجهيءَ جي مٺيءَ ماٺ جو انت،
من ٻانوٽو تڪ ۽ جوڳي آرام جي خواهش ۽ رات جي عبادت جهڙي آرزو.
ووءِ! منهنجو سپنو انهن جي ڪيئن نہ ڪڏ لڳو اچي.
ايتري دير ۽ انڌير هوندي بہ ڪيئن نہ ڏينهن ٻي ڇئنيءَ سان گذريو
۽ مهينن تي ڀاڳلن جيان پوسربو ٿو رهي.“

اهو مٿيون منظر مون ’ڀڳت سنگهہ کي ڦاسيءَ‘ ۾ سُڪديو جي واتان چوايو هو.

هي چوٿين درجي سنڌيءَ ۾ منهنجو ماستر شير علي خان آهي. اهو مون کان سوال ٿو پڇي: ”فاتح ڪير هو پورس يا سڪندر؟“

مون جواب ڏنو ”پورس.“ هُن ڪلي جواب ڏنو ”نہ سڪندر.“ جڏهن مان ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ آيس تہ مون مهاتهما گانڌيءَ جي باري ۾ مطالعو ڪيو. مون کي ان وقت شير علي خان سُجهي آيو ۽ مون ڀانيو تہ مان صحيح هوس. رڳو امن جا پيامبر فاتح هوندا آهن. اهي دليون فتح ڪندا آهن. فاتح ۽ جنگجو فقط سر لٽيندا آهن. هاڻي تہ مان ان خيال جو آهيان تہ تاريخ ۾ چنگيز هلاڪو تيمورلنگ، لارڊ ڪلائيو نيپولين، هٽلر، مِسوليني، فرانڪو استالن وغيره جا نالا حرفِ غلط وانگر ڪاٽيا وڃن. اهي فقط رهزن ۽ قاتل ها ۽ تاريخ نويسن جي هڪ سٽ جا بہ مستحق نہ هئا. مون کي لڳي ٿو تہ ٻي مهاڀارت يد اچي رهي آهي، جنهن ۾ ارجن ۽ ڪرڻ ٻئي هڪ ٻئي کي ماريندا ۽ ڏرتي دروپديءَ وانگر اوڇنگارون ڏئي روئندي، تاريخ ۾

سومناٿ جي بتن جون انڊيون اکيون پنهنجا تارا ڳولي رهيون آهن، جي هيرن مان ٺاهيا ويا ها.

نيو ايرا انگلش اسڪول، ڪورڪي پاڙي ۾ منهنجي گهر کان ٻہ سؤ قدم پري هو ۽ منهنجي دوست هوند راج داس جي گهر کان ويهارو قدم پري هو. اسان جو پهرين درجي انگريزيءَ ۾ استاد، ان دؤر جو مشهور شاعر ڪيئلداس فاني هو. جنهن جا نظم ماهوار 'سنڌو' رسالي ۾ ڇپيا ها، جيڪو بولچند راجپال، ميان جي ڳوٺ مان ڪڍندو هو جتي فاني پاڻ بہ رهندو هو. شڪارپور ۾ ٻہ شاعر نامر ڪنيا هوندا هئا، ڪيئل داس فاني ۽ لطف الله جوڳي، جنهن جي فارسي آميز شاعري علامہ اقبال کان متاثر هوندي هئي ۽ 'فاني' 'بيوس' جو ذهني طور شاگرد هو. 'جوڳي' جنهن جو گهر هاٿي در کان ڪجهہ پنڌ تي مسرور فقير جي گهر جي ويجهو هو. ان جي باري ۾ مان 'جڳ مڙيوئي سپنو' ۾ اڳيئي ذڪر ڪري چڪو آهيان. فاني نيو ايرا اسڪول ۾ ماستر هو ۽ ڪيس ويهارو رپيا پگهار ملندي هئي، جنهن مان هو پنهنجي ۽ گهر جي پورت ڪندو هو. فاني هڪ خدا مست انسان هو جيڪو مال ۽ دولت جي هوس کان پري هو. فانيءَ تي سوچي مون کي سرمد جي هڪ فارسي رباعي ياد آئي.

آں کس کہ کباب می خورد، در گذرد
آں کس کہ شراب می خورد، در گذرد
سرمد کہ بہ کاسۂ گدائی نان را،
تر کردہ بہ آب، می خورد، در گذرد

(جيڪو ڪباب کائي ٿو اهو بہ گذاري وڃي ٿو
جيڪو شراب پيئي ٿو اهو بہ گذاري وڃي ٿو
سرمد جنهن پنهنجي فقيراڻي ڪِشتي ۾ نان
پاڻيءَ سان آلو ڪري کاڌو اهو بہ گذاري ويو.)

فانيءَ کي مون آخري ڀيرو "شاهہ، سچل، سامي" سيمينار تي ڏٺو. هُو مون لاءِ ڀوپال مان بمبئيءَ کهي آيو هو ۽ ٻياسي سالن جو ٿي چڪو هو پر ابراهيم جويي وانگر ڪڙو تڙو هو جويو بہ لڳ ڀڳ ساڳيءَ عمر جو آهي. مون منتظمين کي چيو تہ ڪيئل داس فانيءَ کان صدارت ڪرائين ۽ مون کي

مهمان خاص ڪن، نہ تہ هو ان جي ابتڙ ڪن ها.

فاني ڏاڍي سادي طبيعت وارو ماڻهو هو. هن اسٽيج تي مون کي ڪن ۾ چيو: "پُٽ مون ٻڌو آهي تہ تو ويريہ وڃائين ٿو. ويريہ ۾ تہ ماڻهوءَ جي سگهہ ۽ تندرستيءَ جو راز آهي." مون مرڪي دل ۾ چيو: "سائين، کوهہ گڙندو رهي ۽ نيسر وهندي رهي تہ بهتر آهي." پر هن کي چيم: "هائو سائين، اوهين صحيح آهيو."

فانيءَ کي مون پهرين درجي انگريزيءَ ۾ پنهنجو هڪ غزل ڊيڪاريو هو جيڪو مون هڪ اردو غزل جي تتبع تي لکيو هو ۽ جو سوامي رام تيرٿ جي اردو ڊائريءَ ۾ شامل هيو جا مون جماڻي هال لائبريريءَ مان ورتي هئي. اهو غزل شڪارپور تي پنهنجي ڪتاب ۾ خليل مورياڻيءَ ڇاپيو آهي. فانيءَ جي تربيت هيٺ منهنجي ذات، وچ واءُ ۾ طوفان وانگر ترقي ڪري رهي هئي ۽ هفتي ۾ مان ٻہ ٽي پيرا هن وٽ شعر جي درستيءَ لاءِ ويندو هوس. جيڪڏهن فاني منهنجي تربيت ۽ همت افزائي نہ ڪري ها تہ اڄ مان شاعر نہ هجان ها.

هو هڪ سال اڳ گذاري ويو پر ان کان اڳ ۾ انور فگار هڪڙي، فانيءَ جي ڪلام کي ترتيب ڏني هئي ۽ اهو ڇپائيءَ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ کي ڏنو هو ۽ مون انور فگار هڪڙي جي چوڻ تي، ان ڪتاب تي پيش لفظ خوشيءَ سان لکيو هو. نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ شڪارپور ۾ انور فگار هڪڙو خليل مورياڻي ۽ ٻيا نوجوان پيدا ٿيا آهن ۽ لعل محمد لعل جهڙا بزرگ انهن کي همٿائي رهيا آهن ۽ هنن شڪارپور جي ماضي ۽ حال تي سيمينار ڪرائي ٻہ ديده زيب ڪتاب ڇپايا آهن. نند جويريءَ جو شڪارپور تي لکيل نظم مون کي ايترو وڻيو هو جو مون هن کي ڪتاب تي بمبئيءَ ۾ مهاڳ لکي ڏنو هو. سندس اهو ڪتاب ڇپيو آهي.

فانيءَ جي شاعريءَ جو تجزيو ائين هو جيئن مون پوءِ پڪاسو جا لفظ آرٽ جي باري ۾ پڙهيا ها. "آرٽ سچ نہ آهي، آرٽ اها ڳالهہ آهي، جا سچ محسوس ڪرائي ٿي." هن شاهہ سچل ساميءَ کان بيوس تائين گهرو مطالعو ڪيو هو. ڪي تعصب پرست انهيءَ ماضيءَ جي تجزئي کي شڪ سان ڏسندا ها، پر حقيقت، حقيقت آهي. جنهن کي انجير جو پن بہ لڪائي نہ سگهندو آهي. فاني سُڪ پل جي پرسان هڪ ڪلب ۾ رهندو هو جا ڪجهہ ماسترن گڏجي ٺاهي هئي، جنهن ۾ سائين هاسانند بہ رهندو هو جيڪو

ورهاڱي ڪان پوءِ الهاس ننگر ۾ گذاري ويو. انهيءَ مون ۾ انگريزي ادب لاءِ محبت پيدا ڪئي. هن نہ رڳو مون کي ڪجهہ سستا ڪتاب ڪلڪتي مان گهرائي ڏنا، پر هو اتان انڊين رِويو بہ گهرائيندو هو ۽ رسالي ۾ جيڪي مضمون منهنجي سمجهہ ۾ نہ ايندا ها، اهي سمجهائيندو هو. مون ان وقت هر ساهہ سنڌ جي ڪلچر ۽ ادب جي فضا ۾ کنيو. گهر پرسان نوجوان برادر منڊل لائبريريءَ ۾ رتن، سندر ساهتيہ رسالن ۾ گجراتي، مراٺي، بنگالي ادب جا قوم پرست ناول ۽ هند جي تاريخ تي ڪتاب وٺي پڙهيا. مان لائبريريءَ مان روز بہ ڪتاب وٺي ايندو هوس ۽ ٽين چئين وڳي رات تائين پڙهي پورا ڪندو هوس ۽ ٻئي ڏينهن تي موٽائي ٻيا ڪتاب وٺي ايندو هوس. مشاهدو ۽ مطالعو اهڙيءَ حد تي پهتو جو پاڻ ڪان وڏن کي انهن جي قد ڪاٺ ڪان ننڍو سمجهڻ لڳس. جماڻي هال لائبريريءَ ۾ ماستر حبيب الله پٽو مشتاق ابڙو (جو پوءِ 'جدوجهد' نالي ڪاٺي اخبار ڪراچيءَ مان ڪڍندو هو.) ۽ ماستر عبدالله، واقف ٿيا، جو جماڻي هال جي سامهون ميونسپالٽيءَ جي پاڻيءَ جي مشين سنڀاليندو هو. هن وٽ هڪ کٽ ۽ بہ ڪرسيون هونديون هيون، جنهن تي ويهي ادب تي ڳالهائيندا هئاسين. ان دؤر ۾ منهنجو هڪ شعر مفاعيلن مفاعيلن وزن تي 'سنڌو' رسالي ۾ ڇپيو هو جو مون ٻين وزنن سان گڏ حاجي محمود خادم جي ڪتاب 'رهنمائي شاعري' مان سکيو هو. فارسي وزن تي عبور منهنجي طبع روان لاءِ مشڪل نہ هو. مشتاق ابڙو نوڪري لاڙڪاڻي ۾ ڪندو هو ۽ جمعيت الشعراءِ جي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ جڏهن شڪارپور موٽندو هو تہ اسان ادبي ڪچهريون ڪندا هئاسين. هڪ هندو شاعر، جنهن جو 'غمگين' تخلص هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هوند راج داس بہ اسان سان شريڪ ٿيندو هو. پر هوند راج آريہ سماجي هو ۽ مشتاق مسلم ليگي، تنهنڪري هنن جي طبيعت نہ ملندي هئي. لاڙڪاڻي مان محمود خادم انهن شعرن جو انتخاب بہ ڇاپيندو هو جي مشاعرن ۾ پڙهيا ويندا ها. هن جي ماهوار رسالي جو نالو شايد 'اديب سنڌ' هوندو هو. مشتاق اسان کي پڪ سان چوندو هو تہ: "لاڙڪاڻي جا شاعر بحر وزن نہ ڄاڻندا آهن." هڪ ڀيري مون کي "الحقيقت" اخبار هٿ ۾ هئي، جنهن ۾ واصف جو غزل 'خدا جا بندا، خدا خدا ڪر، خدا جا بندا، خدا خدا ڪر" ڇپيو هو. مون مشتاق کي آزمائڻ لاءِ چيو تہ: "ڇا هيءَ سٽ وزن تي پوري آهي؟" هن وراڻيو

"بلڪل نہ." مون چيو تہ: "سائين مون رهنمائي شاعري پڙهيو آهي ۽ ان سٽ جي تقطيع ڪري سگهان ٿو. اها بہ پيرا 'مفاعلاتن' جي وزن تي آهي." هو خار ۾ اٿيو. شربت جو بل پريائين ۽ چيائين تہ: "هاڻي هلون ٿا." اسان شربت جا ٿي گلاس گهرايا ها ۽ تن ڏينهن ۾ شربت جو گلاس ٽڪي ۾ ملندو هو. مشتاق ابڙو انهن ڏينهن ۾ بہ ايتري ڊگهي قميص پائيندو هو جيتري هاڻ اسان وٽ پاٽي ويندي آهي. هندو جيڪي لنڊي قميص پينٽ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا ها ۽ پئنٽ تي چمپل پائيندا ها. اهي ڪيس حيرانيءَ سان ڏسندا ها. مشتاق ابڙو پنهنجي شلوار قميص ۾ هڪ رعبدار شخصيت لڳندو هو ۽ پنهنجي لاأُبالي طبيعت جي مظاهري لاءِ ٽيبل تي هاريل پاڻي پنهنجي قميص جي پلاند سان اگهي ڇڏيندو هو. ماستر عبدالله مسدس حالي پڙهيو هو ۽ چوندو هو تہ تجارت عين اسلام آهي ۽ هو ڏاڍي پڪائيءَ سان، ڪجهہ پئسا بچائي ڪٿي سيڙائيندو هو. ماستر حبيب الله جو منهنجي مائٽ ثناءُ الله شيخ جو دوست هوندو هو. فاعلاتن فاعلات ڪان وڌي نہ سگهيو. دراصل هو رائيٽرس گلڊ جي بنگالي ميمبر ڪوي غلام مصطفيٰ ڪان بهتر هو جو جڏهن سکر آيو هو تہ اسان کي ٻڌايو هئائين تہ هن چار پيرا فعولن واري وزن تي شعر لکيو آهي. جيئن: 'ڪريما ببخشاءِ بر حال ما' لکيل آهي. دراصل اوير پاڪستان (هاڻ بنگلاديش) جا سڀ مسلمان ڪوي اڌمغزي هوندا هئا. مان تہ شاعر انقلاب نذرالسلام کي بہ انهن ڪان بهتر نہ ٿو سمجهان، ڇو تہ هن ساڳئي نظم ۾ مهاديو ۽ حضرت عليءَ جو گڏي ذڪر ڪيو آهي، جيڪو بلڪل بي معنيٰ ٿو لڳي. هو غالباً هيڊ ڪانسٽيبل هو ۽ ٽئگور جي پيٽ ۾ اڌ اڪري شاعري ڪندو هو. اردوءَ جي شاعر انقلاب جوش مليح آبادي پنهنجي ڪتاب 'شعلہ وشبنم' ۾ هڪ پنگياڻيءَ تي نظم لکيو هو ۽ آخر ۾ چيو هو تہ: 'جنهن جي هٿ ۾ ٻهارو آهي.'

اس کلائی میں تو کنگن جگمگانا چاہیے

(هن ڪلائيءَ ۾ تہ ڪنگڻ کي چمڪڻ گهرجي.)

ڇا نہ انقلاب جو تصور هو ۽ انسان جي محنت جي قدر وقيمت هئي! دراصل فيض جهڙي انقلابي شاعر کي بہ پنهنجي عوام پسنديءَ جو صحيح شعور نہ هو ۽ هن 'نقش فرياديءَ' ۾ هندوستان جي عوام لاءِ 'آوارا، بيڪار

ڪتا' لفظن ۾ عوام جي ڪيتري نہ تذليل ڪئي آهي! غالب جهڙا شاعر هر لفظ ڳڻي ڳوتي ڪم آڻيندا ها ۽ پنهنجي اظهار جي مقصد ۾ نهايت ڪامياب هئا. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ڪمپيوٽر اردو صورت خطيءَ ۾ شعر ڇپي نہ ٿا سگهن، ان ڪري اهي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڏيٺا ٿا پون. چڱو هاڻ موٽي چوٿين ڪلاس ۾ ٿو هلان. اتي يوسف ڪتيءَ نالي بہ هڪ ڇوڪرو مون سان گڏ پڙهندو هو. تڏهن مان روز روز ڪتين جي پاڙي ۾ ويندو هوس، اسان اسڪول جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئاسين. اسان جي گهران هڪ ڪتياڻي ڌوئڻ لاءِ ڪپڙا ڪڍي ويندي هئي، سندس نالو جندان هو. هوءَ ڪنپ تي چاڙهيل ململ، شلوار يا پاپلين جي سؤ ڪپڙن جي لاءِ هڪ رپيو وٺندي هئي. پر سوسيون، مونڙا، ڪتا، لونگيون، اڳٺ وغيره هوءَ صابڻ سان ڌوئي استري ڪري ڏيندي هئي. انهن ڪپڙن جي سوَ لاءِ بہ رپيا وٺندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مان هن وٽان اسڪول لاءِ ڪجهہ ڪپڙا ڪڻڻ ويندو هوس تہ هن جي ڌيءُ لالان سوسي وغيره ڌوئندي نظر ايندي هئي. هڪ ڀيري لالان اڪيلي گهر ۾ ويٺي هئي. هن منهنجا ڪجهہ استري ٿيل ڪپڙا تهہ ڪري مون کي ڏنا تہ وٺڻ وقت هن جي هٿن هيٺان مون پنهنجا هٿ نہ ڪڍيا ۽ انهن کي هلڪو زور ڏنو تہ هن مون ڏانهن اُڪير مان ڏسي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ٻئي ڀيري مان يوسف وٽان ٿي لالان جي گهر ويس. ان ڏينهن بہ هوءَ اڪيلي هئي، ڇو تہ هن جي ماءُ ڌوتل ڪپڙا گهرن ۾ پهچائڻ وئي هئي. هن وري ڪجهہ استري ٿيل ڪپڙا مون کي ڏنا. ڪپڙا وٺندي مون پنهنجي هٿن سان هن جي هٿن کي زور ڏنو. هن هرڻيءَ جهڙين چيروين ۽ ڪنپ تي ڌوتل، ململ جهڙين اکين سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ وري اکيون جهڪائي ڇڏيائين. پوءِ هن آهستي آواز ۾ چيو: "تون پنهنجي ماءُ کي ڇو نہ ٿو چوين تہ منهنجي ماءُ کان سگ گهري" مان وري جڏهن يوسف ڏانهن ويندو هوس تہ هوءَ در جي چائنٽ تي ويٺل نظر ايندي هئي ۽ هن جون اکيون چونديون هيون: "تون پنهنجي ماءُ کي ڇو نہ ٿو چوين تہ منهنجي ماءُ کان سگ گهري" ڪيئي انسان پٿر تي ليڪ وانگر دل تي اُڪرجي ويندا آهن. ڪيئي ڀيرا منهنجي ڪنن ۾ هن جو آواز ٻُريو آهي "تون پنهنجي ماءُ کي ڇو نہ ٿو چئين."

ڪهڙا ڪهڙا انسان ۽ واقعا منهنجي زندگيءَ ۾ آيا! هيءَ تڏهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان فرسٽ ايئر ۾ پڙهندو هوس. محرم نالي هڪ غريب

شاگرد مون سان گڏ پنج درجا سنڌي پڙهي تعليم ڇڏي ڏني ۽ زمين ٽڪرو وڪٽي، هن هڪ خوبصورت گهوڙي گاڏي ورتي. شڪارپور ۾ اِها سيني گاڏين کان وڏيڪ ناهوڪي ۽ مهانگي گاڏي هوندي هئي. هو گهوڙا بدلائيندو وتندو هو. ڪڏهن اُن ۾ ڪُميت، ڪڏهن سُرخو ڪڏهن مشڪي، ڪڏهن سنجاف گهوڙو هوندو هوس. انهن جا لغام هنا، ڏاڍا سهڻي پرت سان پريل هوندا ها. جن ۾ شيشي جون ٽڪيون بہ هونديون هيون ۽ جن جي ڪنڌ ڏوڻ ۽ هڻڪار پڌي سارو لکيدر بيهجي ويندو هو. محرم هزاري در تي رهندو هو ۽ هاٿي در تي هڪ لالواٽي ڇوڪري رهندي هئي. هُن کي هڪ پيري ڪائي سستي بگي نہ ملي ۽ محرم واريءَ بگيءَ تي چڙهي ويئي. پئي ڪٽڪ رنگا هئا، جن جو رنگ ڪنهن جي سفيد رنگ کي مات ڏئي وچي ها. جيستائين بگي اسڪول پڳي، محرم کيسي مان باجو ڪڍي وڄايو. ان جون وڄتون پڌي هوءَ گهائجي وئي ۽ چيائينس تہ: ”موتندي هو کيس ڏيڊ وڳي گهر کٽي هلي.“ جڏهن محرم کيس گهر موٽائي آيو تہ ڇوڪريءَ رپيو ڪڍي ياڙو ڏنس. محرم ونڻ کان انڪار ڪيو. شام جو هو پستن جي منائي ۽ موتيءَ جون ڪلفيون کٽي هن جي گهر آيو ۽ ڪڙو کڙڪايائين تہ هوءَ ٻاهر نڪتي. جڏهن محرم مٿيون شيون هن کي ڏنيون، تڏهن هُن مرڪي پڇيو ”هي ڇا لاءِ؟“

هن جي مُرڪ ۽ هن جو سوال جڻ محبت جي موٺ هئي. محرم کيس چيو تہ ”اج سرخو گهوڙو ورتو اٿم. چيم تہ سيني پاسينجرن جو منهن مٺو ڪرايان.“

”پر مان تہ رڳو اج تنهنجيءَ گاڏيءَ تي چڙهي آهيان.“ ڇوڪريءَ جواب ڏنو.

محرم چيس تہ ”ائين لڳو تہ تون تڏهن کان بگيءَ ۾ هئينءَ، جڏهن کان مون اُها خريد ڪئي هئي، مان صبح سان توکي اسڪول کٽي ويندس. توسان بگيءَ جي رونق وڌي ٿي وڃي.“ ڇوڪريءَ محرم ڏانهن ڏٺو ۽ ٻنهي جون اکيون جڪڙجي ويون. ائين روز محرم هن کي کٽي ويندو هو ۽ وقت تي موٽائي وٺي ايندو هو ۽ شام جو ڪجهہ نہ ڪجهہ تحفي طور وٺي ويندو هوس. هن جون پينر هن کي چينيينديون هيون تہ ”هاٿي تہ پيٽ چٽي ٿي پئي آهين.“ کين خبر نہ هئي تہ منائي ڪير ٿو آڻي.

هڪ پيري محرم ڇوڪريءَ کي هٿ وڌو تہ هن ڇڏ ڇڏاءُ نہ ڪيو. ان تي

محرم کيس چيو تہ: ”جڏهن هڪ ٻي بجي رات جو تنهنجين پيرن کي ننڊ اچي وڃي تہ تون ڏاڪڻ جو در کولجانءِ، مان ان جي ٻاهران بيٺو هوندس؟“

ٻي وڳي رات جو در کوليو. تيستائين محرم کي هر گهڙي قيامت جي گهڙي ٿي لڳي. چوڪري هن کي آهستي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وئي، جتي هن ساڻس رات بسر ڪئي. ٻئي ڏينهن جڏهن هن کي صبح جو ڪڻڻ ويو تہ هن جو منهن ماڪ سان ڌوتل گلاب وانگر ٿي لڳو ۽ محرم کان پڇيائين ”واڃو آندو اٿئي؟“ محرم جڏهن واڃو هلايو تہ ڄڻ ساري ڪائنات جهومي اُٿي ۽ ڄڻ ٻنهي ٿي گلن جي ورڪا ٿي وئي. هونءَ تہ ايندڙ ويندڙ محرم جي باجي تي هريل ها، پر اڄ تہ هن ڪمال ڪري ڏيکاريو. ڄڻ ساوڻ جون گهنگهور گهٽائون هيٺ لهي آيون. ائين روز محرم هُن وٽ ويندو هو. هڪ ڀيري چوڪريءَ جي ڪمري ۾ پيٽس ڪٽ جو چيڪٽ ٻڌي آئي ۽ هُن جي اکين کي اعتبار نہ آيو تہ هي ڇا پيو ٿئي. محرم کي جيئن هن جي سڌس پئي تہ هو شلوار ٻڌي تڪڙو نڪري ويو.

ان کان پوءِ محرم سندس گهر ويندو هو تہ هوءَ کيس نہ ملندي هئي. هن کي ڪراچيءَ مامي وٽ موڪلي ڇڏيو هيائون. محرم ڪراچي سوڌي سڄي سنڌ ڳولي ٿڪو. پر هوءَ کيس ڪٿي بہ نہ ملي. هن ايتري سفر خرچ لاءِ گهوڙو گاڏي وڪڻي ڇڏيو ۽ هڪ معمولي ڪرائي جي گاڏي هلائيندو هو. جڏهن مان هن جي گاڏيءَ تي چڙهيس تہ هن مون کي سڄي واردات ٻڌائي ۽ پڇيو تہ: ”اهڙي چوڪري تو ڏٺي آهي.“ مون کي معلوم هو تہ چوڪري ڪير آهي، پر مون کي هڪ خطرناڪ الميو اکين ۾ اُڀري آيو ۽ مون کيس جواب نہ ڏنو. محرم ٽڏو ساهہ ڀري چيو: ”مون سان موڪلائي تہ وڃي ها. جيڪي بہ چئي ها مان هُن لاءِ ڪريان ها.“

”جيڪي بہ.“ مون پڇيو.
”هائو جيڪي بہ.“ هن جواب ڏنو.
”مذهب بہ بدلائين ها؟“
”هائو مذهب بہ!“

منهنجي ڪتابن جي ٿيلهي ۾ ڪورس جي ڪتابن سان علامہ اقبال جا ٻہ ڪتاب 'بال جبريل' ۽ 'ضرب ڪليم' بہ آهن. مان 'بانگ درا' اڳ ئي

پڙهي چڪو آهيان. رسيس ۾ 'بال جبريل' پورو ڪري ٿو وڃان ۽ رات جي ماني کائي، 'ضرب ڪليم' ختم ٿو ڪريان. پنهي ۾ هن جي عروض تي ايتري مهارت آهي، جيتري ڪنهن بہ سنڌي شاعر کي نہ آهي. جن فارسي بحر وزن تي لکيو آهي. مون کي ان وقت بہ سانگي ۽ گدا کان وٺي فاضل تائين سڀ نيم خوانده لڳا ها. ڪلاس پوري ٿيڻ کان پوءِ سائين هاسانند مون کي ٽئگور جو 'باغبان' (The Gardener) پڙهڻ لاءِ ڏنو. ڪجهہ سال پوءِ مون ٽئگور جا اڪثر ڪتاب ڪاليج جي پهرين سال ۾ پڙهي پورا ڪيا. لعل محمد لعل مون کي ٻڌايو هو تہ ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ 'گيتا نجليءَ' جي انگريزيءَ تي منهنجا نوٽ لکيل ها. جيڪي منهنجي انگريزيءَ تي دسترس ڏيکاري رهيا ها. انهن ڏينهن ۾ ادا اختر، ميري ڪاريليءَ (Marry Corelie) جا ڏگها ناول پاڻ پڙهي، مون کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. ڪيئي سال پوءِ مان پنهنجي دوست عزيز الله، سکر جي سيشن جج سان ڳالهائي رهيو هوس تہ هن ميري ڪاريليءَ جي ناولن جي ڏاڍي ساراهہ پئي ڪئي.

مون هن کي حيرت سان ڏسي چيو: "اهي تہ مون پنجين درجي ۾ پڙهيا ها." اهو ٻڌي هن منهن گهنجائي چيو: "ميري ڪاريليءَ جي ناولن ۾ انگريزي تہ ڏاڍي چڱي هئي." مون هن کي چيو تہ: "مان هاڻ سارتر ۽ سمون دي بوار پڙهندو آهيان." مون عزيز الله کي چوڻ نہ ٿي چاهيو تہ 'ميري ڪاريلي' انگريزيءَ ۾ هتان جي ايم. اسلم هئي. ناول انگريزي پرائڻ لاءِ تہ نہ پڙهبا آهن، پر اهو سوچي چپ رهيس تہ اهو جواب ٻڌي هو ڪاوڙجي پوندو. دراصل ادا اختر جو ذوق چڱو هو پر هو وقت گذارڻ لاءِ پڙهندو هو. هن مون کي ٿامس هارڊيءَ جا ناول ٽيس (Tess) وغيره ڏنا ها. جي ان وقت مون کي ڏاڍا وڻيا ها. جڏهن مون ايف. اي ٿي پڙهي تہ مان انگريزيءَ ۽ اردوءَ جا ڪيئي ڪتاب پڙهي چڪو هوس.

مان وري اڳتي نڪري آيو آهيان ۽ تسلسل رکي نہ سگهيو آهيان. اسان جي گهر جي پرسان گارگيءَ جي گهر جي پاسي هڪ برهمو سماجي هندو رهندو هو جنهن جي هال ۾ هڪ گئلري هئي. جتان راجا راءِ موهن راءِ، ديوندرا ناٿ ٽئگور، ڪيشب چندرسين، مهاتما گانڌي، ديانند سرسوتي، رام ڪرشن، پرم هنس، سوامي وويڪ آنند، راناڊي، گوکلي، دادا ڀائي نوروز جي، بنڪم چٽرجي، بال گنگاڌر تلڪ، اربندو گهوش، لالا لجپت راءِ جا

شيشي سان فريم ۾ فوٽو ٽنگيل هوندا ها، جن جي آردش ۾ جيوڻيءَ جي باري ۾ هو اسان کي ٻڌائيندو هو. هڪ پيري برهمو سماجين، ڪيشب چندرسين ٽي سي ائنڊ ايس ڪاليج ۾ سيمينار ڪرائي هئي، جنهن ۾ بي. اي ٽائين ڊي جي سنڌ آرٽس ڪاليج مان 30-20 ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ڀرو ورتو هو. مون برهمو سماجي ڀاڙيسريءَ کان ڪتاب ورتا هئا، جيڪي پڙهي، مون پنهنجي تقرير تيار ڪئي هئي ۽ مقابلي ۾ ٻيو نمبر آيو هوس ۽ مون کي انعام بہ مليو هو. پهريون نمبر هڪ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جو بي. اي جو شاگرد آيو هو جنهن جو نالو ياد نہ ٿو اچي. اُن وقت مان پنجين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس. تازو جسارت ماهوار جي هڪ چئن ڄڻن جو پئنل، منهنجو انٽرويو وٺڻ آيو ۽ جڏهن مون کين مٿين ڳالهہ ٻڌائي ۽ ڪانئن پڇيم تہ: "اوهان مان ڪنهن ڪيشب چندرسين جو نالو ٻڌو آهي؟" تہ هنن نابري واري. برهمو سماج تحريڪ اسلام جي وڏ ۾ وڏ ويجهو هئي ۽ اصنام پرستيءَ کان انڪاري ۽ خدا جي وحدانيت ۾ اعتبار ڪندڙ هئي. مان چاهيان ٿو تہ انهن سيني برهمو سماجي ۽ ٻين هندو سنتن ۽ مفڪرن تي هڪ ڀرپور ڪتاب لکان ٿو ڇوتہ جوانيءَ ۾ مون برصغير جي مذهب، سياست، سماجي ۽ ادبي شخصيتن جو مطالعو ڪيو هو. نہ رڳو رام ڪرشن، پر هنس سان گفتگو هن جي چيلي جي لکيل ضخيم ڪتاب جو مطالعو ڪيو هو. پر هن تي نوبل پرائيز ونر ناول نويس زان ڪرستاف جي مصنف رومين رولان جي لکيل ڪتاب جو مطالعو بہ ڪيو هو جو نهايت دلچسپ هو.

اسان جي برادريءَ ۾ بہ شخص ڪٽر مسلم ليگي ها. زرينا جو مامو شيخ واجد علي، جيڪو علي ڳڙهہ جو لا گريجويٽ هو ۽ شڪارپور مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ هو ۽ ادا اختر جو بہ علي ڳڙهہ جو انڊر گريجوئيٽ هو ۽ ساري عمر تظيع اوقات لاءِ ڪتاب پڙهندو هو جن مان هن کي ڪوئي فائدو نہ ٿيندو هو.

ادا اختر وٽ علي ڳڙهہ جون مخزنون، اردو رسالا نيرنگ خيال، عالمگير، ادبي دنيا، ساقي، خيام ۽ مولانا آزاد جو الهلال ايندا ها. هو اڪثر اسد ملتانيءَ جي شاعري، اسلم جيراج پوريءَ جي تحريرن ۽ چوڌري پرويز جا ڪتاب بہ مون کي ڏيندو هو جن ۾ مصنف سائنس جي هر نئين ايجاد کي ڪنهن نہ ڪنهن قرآني آيت ۾ ڳولي لهندو هو.

مان مئٽرڪ کان پوءِ فيض احمد فيض جو 'نقش فريادي' ۽ ن.م راشد جو 'ماورا' پڙهي چڪو هوس ۽ انهن کان ڪافي متاثر ٿيو هوس ۽ اسلامي ڪتاب مون کي وقت جو زيان لڳندا هئا.

جيتوڻيڪ پيا مسلم ليگي ٻہ اسان جي پاڙي ۾ رهندا ها ۽ رات جو ميڙو لڳندو هو جو 'مسلم هو تو مسلم ليگ ۾ آ' تراني سان ختم ٿيندو هو. هو علامہ اقبال، چوڌري رحمت علي، قائداعظم محمد علي جناح ۽ مولانا آزاد جي باري ۾ ڳالهائيندا ها. جو مان دلچسپيءَ سان ٻڌندو هوس. پاڙي جي ماحول جي باري ۾ مون هڪ پورو ڪتاب لکيو هو جو 1965ع ۾ سندري اتم چنداڻيءَ کي ڏيکاريو هو ۽ هن کي پسند آيو هو پر ايوب خان جي مارشل لاءِ کان پوءِ ان جا ڪيترائي صفحا مون ڦاڙي ڇڏيا ها. جيئن هر آمريت جي دؤر ۾ ڪيترن ئي نوٽ بوڪن مان صفحا ڦاڙي ڇڏبا آهن، ڇو تہ اهي اعتراض جوڳا آهن.

وڪالت کان پوءِ مان 24 ڪلاڪ سي. آءِ. ڊيءَ جي پهري هيٺ رهندو هوس. ڪنهن وقت بہ منهنجي گهر ۽ آفيس جي تلاشيءَ جو خطرو هوندو هو. مون کي جوانيءَ ۾ قدرت رُڪ جون رڳون ڏنيون هيون، نہ تہ منهنجي جاءِ تي ڇڱو ڀلو ماڻهو ڊهي پوي ها. شاعرن سان آمرن ۽ عوام ڪهڙا نہ ويل وهايا آهن، ان جا ڪيئي مثال مون ان تقرير ۾ ڏنا آهن، جڏهن طارق اشرف، سهڻي رسالي جو شيخ اياز نمبر ڀاڱي ٻئين جو مهورت ڪرايو هو. مان ساريءَ جڪ جو تجزيو بي. اي تائين چڱيءَ طرح ڪري سگهندو هوس، پر انهيءَ ڪتاب مان، جو مون سندريءَ کي ڏيکاريو هو ڪجهہ منتشر صفحا جي رهجي ويا ها، سي هيٺ ڏيان ٿو:

پهرئين صفحي تي لکيل آهي:

"متي تڙ رهي، گذاري ويا ڏينهڙا،
ڪڏهن ڪونہ آئيو تن پنوهارن پهي،
ويڙا سي وهي، جنب گذاريم جن سين."

اهو وقت گذري ويو جڏهن شاعريءَ مان ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ ايندي هئي. جڏهن لکنوءَ ۽ دهليءَ جي بوسيده روايات کان متاثر ٿي، شاعر قافيہ پئمائي ڪندا ها ۽ پنهنجو غزل پينوءَ جي پاند جيئن ڦهلائي داد جي طلب

ڪندا ها. ان ۾ نہ ڪوئي زندگيءَ جو شعور هوندو هو ۽ نہ ڪائي مطالعي جي وسعت. انهيءَ اردو غزل لاءِ ذوق بہ نہ هوندو هو جنهن جون بہ چار مناسبتون هنن لاءِ ڪوهہ ۾ ڏيڏر جي ڪائنات تي چڪيون هيون. شاعر زندگيءَ جي موج وتلاطم سان ناآشنا آهن. گذريل هڪ سؤ سال جي سنڌي شاعريءَ کي ڪي تڪ بند شاعر چؤر وانگر چنبڙيا پيا آهن. فارسيءَ ۽ اردو شاعريءَ جي تتبع ۽ تقليد سنڌي شاعريءَ ۾ جمود پيدا ڪيو ۽ ٻئي طرف اسان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ڪافي، وائي، بيت، ڏوهيڙي ۾ ڪا نئين جدت نظر نہ آئي. اوهان گذريل صديءَ جون ڪافيون، بيت ۽ وائيون ڏسو انهن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ سٽ ملندي، جا ادبي معيار تي پوري اچي ٿي، نہ تہ انهن ۾ ڪجهہ عربيءَ جا جملا، ڪجهہ صوفياڻيون روايتون، ڪجهہ پير جي پراڻي پڙ وانگي ٻُٽي بي معنيٰ روحانيت ۽ ساڳي ساڳي لفظن جي الٽ ڦير آهي. گذريل صديءَ يا انهيءَ کان وڏيڪ عرصو سنڌي شاعريءَ ۾ اها مَئي متي مهراڻ واري مستي ختم ٿي وئي هئي، جا ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ هئي. انهيءَ جي انحطاط جو سبب سياسي ۽ سماجي بہ هو ۽ انهن شخصيتن جي کوٽ بہ هئي، جن جي گهري نگاهہ ۽ اعليٰ حوصلو زندگيءَ جا قدر طئہ ڪندو آهي.

هاڻي تہ پيري، بيماري، دوستي، دغا ۽ منافقي ڏسي، مون ۾ ڪافي ڦيرو آيو آهي، پر بنيادي طرح مان ساڳيو ماڻهو آهيان، جو سمجهندو آهي تہ انسان جو مٿو ڌرتيءَ جي گولي کان وڏو آهي. سکر ۾ منهنجي گهر جي ڊرائينگ روم ۾ رومانيا جي هڪ تصوير ٽنگيل هوندي هئي، جنهن ۾ هڪ ڏاڙهيءَ سان مفڪر پنهنجي ميز تي ڌرتيءَ جو گولي ۽ ماڻهوءَ جي کوپريءَ ۾ ڇا نہ سمايل آهي، ان تي سوچيندو نظر ايندو هو. افسوس جو سکر کان منهنجي عدم موجودگيءَ ۾ بجليءَ بل جي غير ادائگيءَ ڪري بجلي ڪاٽي ڇڏي هيائون ۽ دهشت گرد ان تصوير سوڌو سارو سرو سامان ڪڍي ويا ها ۽ ڇاڪاڻ جو گهر ۾ بجلي نہ هئي تہ منهنجن ڪتابن ۽ رڪارڊ کي باهہ ڏئي روشني ڪندا ها ۽ ان ۾ چوريءَ لاءِ مال جي تلاش ڪندا ها. اسان جي پاڙي جي چوڌاري دهشت گرد رهندا آهن. جن منهنجا پنج سؤ ڪتاب ۽ پنجاهہ اخبارن جي تراشن وغيره جا فائيل ۽ سوين انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ جا رسالا ڪجهہ سال اڳ ساڙيا ها. جيڪڏهن تاريخ هُنن کي تهس نهس ڪيو تہ جڻ منهنجي علم جو انتقام وٺندي.

اردوءَ جي شاعره فاطمہ حسن، هڪ پيري آسٽريليا جي انگريز شاعره اسٽيلا ڊراءِ ووڊ سان منهنجي ملاقات ڪرائي هئي. ان ڪان پوءِ اسٽيلا منهنجي ڪيترن ئي نظمن جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيا ها ۽ آسٽريليا ۾ مون تي مضمون بہ ڇپايا ها. جي پوءِ مون کي ڏياري مُڪا هئائين ۽ اجا مون وٽ آهن.

فاطمہ حسن ڳالهين دوران مون ڪان پڇيو "تو خوشونت سنگهہ جو ناول 'دهلي' پڙهيو آهي؟" مون پنهنجي لائبريريءَ ۾ ڏٺو تہ اهو ڪتاب موجود هو. پر مون هن کي چيو تہ: "مون وٽ آهي تہ سهي، پر مون پڙهيو ناهي." جڏهن مون اهو ناول پڙهي پورو ڪيو تہ مون سمجهيو تہ هوءَ سنڌين تي طنز ڪري رهي هئي. هوءَ مون سان ٻيهر جيڪڏهن ملي وئي تہ ڪائنس پڇندس تہ: "تو خوشونت سنگهہ جو "منهنجو رت ڳاريندڙ پنجاب" (My Bleeding Punjab) ناول پڙهيو آهي؟"

عمر خيام جي رسدگاهہ جي تباهيءَ ڪان پوءِ منهنجي ڪتابي ذخيري جي تباهي، علم وادب جي تباهيءَ جو ٻيو وڏو واقعو آهي. ڪنهن وقت غالب جو هينئيون شعر ياد ايندو آهي:

زندگی اپنی جب اس دوَر سے گذری غالب
ہم بھی کیا یاد کریں گے کہ خدا رکھتے تھے

پر اها ڳالهہ گهٽو پوءِ جي آهي. مان هي ڦاٽل نوٽ بوڪ اتاري وٺان تہ وري پنجين درجي انگريزيءَ نيو ايرا اسڪول ڏانهن موٽي ٿو وڃان. ڦاٽل نوٽ بوڪ ۾ ڪجهہ سالم پنا بہ آهن. مان اهي ٻي ڪنهن جاءِ تي ڏئي سگهان ها. پر ان ساڳئي نوٽ بوڪ ۾ ڪيترن ئي ڦاٽل صفحن ڪان پوءِ منهنجي پاڙي جو حال احوال بہ آهي. پنجاهہ کن ڦاٽل صفحن ڪان پوءِ هڪ هنڌ لکيل آهي.

"شاعريءَ جي اهميت ان ڪري آهي، جو هڪ عظيم شاعر پنهنجي دؤر ۾ سڀ ڪان وڌيڪ حساس انسان آهي، ڇو تہ هن جي احساس ۾ اها زندگي آهي، جا هن جي ماحول ۾ نہ ٿي ملي ۽ ماحول جو روح هن جي مُٺ ۾ آهي. هو سوچي سمجهي، پرکي، پروڙي انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ ٻنيور جون ٻتيون ڏسي رهيون آهن تہ ڪيچ مڪان ڪيترو پري آهن. شاعر اهو يڪدم هانءَ سان هنڊائي سگهندو آهي، جو ڪجهہ ماحول جي سيني ۾

هر ڪندو آهي. سياست کي جيستائين منزل جو احساس ٿئي، اتهاس جو قافلو ڏاڍو ڪري ٿڪجي ويهي ۽ جيستائين اٿي، ان کان اڳ ۾ شاعر جي ڇهين حِس سمجهي ويندي آهي تہ ڪاٿ ڪنهن لاءِ لنوي رهيو آهي ۽ واءُ ڪهڙي طرفان گهلي رهيو آهي. آءِ. اي. رچرڊس (I. A Richards) پنهنجي ڪتاب 'ادبي تنقيد جا اصول' (The principles of Literary Criticism) ۾ ڪهڙو نہ چڱو لکيو آهي:

"He is a point at which the growth of mind shows it self."

"هُو (شاعر) اهو نقطو آهي، جتي ذهن جي ارتقا اظهار پذير ٿئي ٿي."

هر عظيم شاعر ۾ احساس جي اظهار جي قوت غير معمولي ٿئي ٿي ۽ هن کان وڌيڪ شايد ڪوئي پنهنجي پاڻ جي پروڙ رکي ٿو. هو شاعر ان ڪري آهي، جو هن جي پنهنجي آزمودي ۾ دلچسپي، هن جي ٻوليءَ ۾ دلچسپيءَ کان جدا نہ آهي. اها هن جي فطرت هوندي آهي تہ هو ٻوليءَ کي سراڻ وانگر ڪم آڻيندو آهي، جيئن ان تي تکو ڪيل چاقو ٻئي جي هاڻ ۾ کپي وڃي. پر شاعريءَ ۽ ان جي دؤر جي ذهانت ۾ ويڇو وڌي ويو تہ ان جو لطيف شعور ختم ٿي ويندو."

ڪيئي سٿون ڪتي ڇڏيل آهن، جن کان پوءِ آهي: "اهو ادب خوش نصيب آهي، جنهن کي پنهنجي لوڪ ڪٿا ۽ ديومالا آهي. جنهن جي سورمين ۽ سورمن جي آنڌ مانڌ، پيار پيڙا ۽ پڇتاءُ، آشا نراشا، جياپي، جاکوڙ هار ۽ جيت، نئين کان نئين ادب ۾ رنگ روپ مٽائي اچن ٿيون. انهيءَ ادب جون قوم جي جيءَ ۾ جڙون آهن. اڄ بہ جڏهن جديد شاعر مومل ۽ راڻي، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، سسئي پنهون ۽ عمر مارئيءَ کي پنهنجن جديد کان جديد تر موضوعن ۾ آڻي ٿو تہ شاعريءَ تي مينهن ڦڙيون وسن ٿيون ۽ اها گلاب جيءَ گل وانگر ٽڙي پوي ٿي.

اردو ادب جڏهن ليلا مجنون، شيرين فرهاد، وامق عذرا، دارا ۽ سڪندر کي تمثيل ڪري پيش ڪري ٿو تڏهن هو پان جي اڳاري لڱل ڏندن وانگر لڳي ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ غالب جهڙو جينيس ڪٽ چڙهيل لوهہ کي ڇهي، سون بڻائي ڇڏي ٿو.

ہم نے مجنوں پہ لڑکپن میں اسد
سنگ اٹھایا تھا کہ سر یاد آیا

(اي اسد اسان ٻالاپڻ ۾ مجنونءَ تي
پٿر هٿ ۾ کنيو هو تہ پنهنجو مٿو ياد آيو.)

تیشے بغیر مر نہ سکا کوہکن اسد
سرگشتۂ خمار رسوم و قیود تھا

(تيشيءَ کان سواءِ فرهاد جبل ٽڪيندڙ نہ مري سگهيو اي اسد!
هو رسمن جي قيد ۾ قاتل هو. (فقط ٿڌو ساهہ پري ها تہ مري وڃي ها.)

اردو ادب ۾ اهو اتفاق آهي تہ فراق جهڙي شاعر زندگيءَ کي رام جي بنواس سان تشبيهہ ڏني آهي. (مون ان تي هڪ مضمون روزاني برسات ۾ لکيو هو.) مغربي تهذيب پنهنجي مقامي انفراديت جي باوجود ڪافي يڪرنگي اختيار ڪئي آهي. جڏهن رلڪي (Rilky)، يسينن (Yasinean)، ازرا پائونڊ ۽ وٺليريءَ جهڙا شاعر بہ يوناني ـ لاطيني (Greco - Roman) ديومالا سان پنهنجي تصور جي سجاوٽ ڪن ٿا، اها تڏهن ادبي ذوق کي ڳوري لڳي ٿي."

ان کان پوءِ ڪيئي صفحا قاتل آهن، جن کي جڻ فاشي ڪتا چيري ويا. نيم خواندهہ ڪانسٽيبل ۽ اي ايس. آءِ مون تي رپورٽون ڪندا ها ۽ انهن رپورٽن تي نالائق بيوروڪريٽس تحرڪ ۾ اچي ويندا ها، شايد وقت کي زوردار ٿڦ هڻي، شهيد پيٽي مون کي وائيس چانسلر مقرر ڪيو هو ۽ محترما بينظير پٽو مون کي 'هلال امتياز' جو تمغو ڏنو هو.

هاڻي اچان ٿو انهن صفحن تي، جي وڏيڪ چاليهہ پنجاهہ قاتل صفحن کان پوءِ آهن ۽ جن ۾ منهنجي ننڍپڻ ۽ منهنجي پاڙي جو احوال آهي.

"اسان جو سارو محلو مسلم ليگي هو ۽ شڪارپور ۾ مسلم ليگ جا سيئي ڪارڪن منهنجا مائٽ هئا. جڏهن ساونڻ ۽ بدي جي ٻٽ ٽيندي هئي ۽ اسان جون وڏڙيون "گهل اڙي ڏڪڻ، نيڻ ٿا نند گهرن" لوڪ گيت بہ ڳائينديون هيون ۽ ٻارن جي بت تان آرايون بہ مارينديون هيون، تڏهن منهنجا ڪيئي مائٽ پاڙي جي پڌر ۾ ڪٽون وجهي ويهندا هئا ۽ جيسين لڙي اڌ رات جو ڏکڻ گهلندو هو، تيسين سياست ۽ ادب تي بحث بہ هلندو هو ۽ چرچو پوڳ بہ ٿيندو

هو. انهن مان ڪي علي ڳڙهہ جا گريجوئيٽ هئا ۽ علامہ اقبال، مولانا حالي ۽ اڪبر الله آباديءَ کي پڙهيو هئائون ۽ انگريزيءَ ۾ محمد اسد جو 'اسلام جي چوراهي تي' (Islam at Cross Roads) ۽ محمد علي جوهر جي 'ڪامريڊ' جا پراڻا شمارا پڙهندا ها. هنن پاڻ سان گڏ علي ڳڙهہ مخزن جا ڪجهہ نمبر بہ آندا ها. پاڙي ۾ ڪجهہ هينئنءَ ريت گفتگو ٿيندي هئي:

"اڙي ينگي، او مهاجن! هيڏي تہ آءُ. گانڌيءَ جي اولاد! ٽنگن کي ڪجهہ زور ڏي!"

"گانڌي ينگي - واد تو آٿي."

"رام - راج بدران سيتا - راج ڪري تہ اسان هندوستان ۾ شامل ٿيون."

"دال کائوءَ جي دل تہ ڏسو!"

"الائي اهي نعره تڪبير وارا مجاهد مرد ڪيڏانهن ويا. جي بحر ظلمات ۾ گهوڙا ڊوڙائيندا ها؟ فقط اٺويهہ مجاهد تہ هئا. جن بينگال فتح ڪيو هو!"

"تو 'شڪوه' ۽ 'جواب شڪوه' پڙهيو آهي؟"

"پڙهيو آهي، مون کي سارو بر زبان ياد آهي."

"ڏيڏر کي بہ زڪام ٿيو آهي. حيدر بخش جتوئيءَ بہ 'شڪوه' لکيو آهي."

"جواب تہ لکي ڏيکاري!"

"چون ٿا تہ علامہ اقبال جڏهن فرانس ۾ برگسان سان مليو هو تہ هن جون متيون منجهائي ڇڏيون هئائين."

"مان ڀانيان ٿو تہ جي برگسان، خوديءَ جو فلسفو چڱيءَ طرح سمجهي وڃي ها تہ مسلمان ٿي وڃي ها."

"برگسان ڪهڙو ڪتاب لکيو آهي؟"

"خبر نہ آهي، پر علامہ اقبال کان ڪافي متاثر ٿيو هو."

"يلا نتشي کان تہ علامہ اقبال اثر ورتو آهي؟"

"نہ روميءَ کان، روميءَ انسان ڪامل (Super Man) جو تخيل نتشي کان اڳ ۾ ڏنو هو."

دی شیخ با چراغ ہمی گشت گرد شہر
کز دام و دد ملولم وانسانم آرزوست

(ڪالھہ شيخ ڏيئو ڪٽي شهر ۾ چڪر تي ڏنو (چيو پٽي) ڊور ڊڳا ڏسي ملول ٿي پيو آهيان، منهنجي آرزو تہ انسان آهي.)

”اهو ڪير ٿو چوي؟“

”مان پانيان ٿو تہ اهو مون چوڌري پرويز جي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي؟“

”ڪهڙو چوڌري پرويز؟ اهو نہ. جيڪو لکي ٿو تہ جيڪا بہ ترقي سائنس ڪئي آهي، اها اڳ ۾ ئي قرآن ۾ آهي.“

”غلام جيلاني برق بہ واهہ جو قرآن تي لکي ٿو!“

”اسلم جيراجپوري بہ. تو اسد ملتانيءَ جو ڪلام پڙهيو آهي؟ مطلع کان مقطع تائين اسلام ئي اسلام آهي.“

”سنڌ ۾ ’پيام مشرق‘ ڪنهن بہ ڪتاب گهر تي نہ ٿو ملي.“

”نہ. دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪانفرنس ٿي رهي آهي. مان ويندس تہ ’پيامِ مشرق‘ وٺي ايندس.“

”اهو جوش مليح آبادي بہ ڪٿو ڪافر آهي، مون هن جو رسالو ’ڪليم‘ ساڙي ڇڏيو آهي. تو هن جو نظم ”پير زن ليگ“ پڙهيو آهي.“

”جوش مليح آباديءَ مولانا آزاد جهڙن جي بولتي جلد ئي بند ٿي ويندي اسلام طوفان وانگر ايري رهيو آهي. قائدِاعظم سيني سان نبري وٺندو.“

”تون مسلم ليگ ۾ نہ آهين ڇا؟“

”نہ يار مان رڳو مختيارڪار آهيان.“

”هاڻي تہ توکي ڪپري بدلي ڪيو اٿائون. ڪپرو تہ ڪاڻ آهي. ڪجهہ ڏاليون اسان ڏانهن بہ موڪلجانءِ.“

”توکي پروموشن ڪيئن مليو؟ واڻٽي ڊپٽيءَ تہ تنهن جي ڏاڍي مخالفت ٿي ڪئي.“

”هٽ ڪوسو ڪيومانس.“

”هو لسو ڪراچيءَ هليو ويو ڇا؟“

”ڪهڙو لسو؟“

”هو سوناري جو ڇورو!“

”ڇورو نہ هو پتاشو انب هو انب!“

”رَءِ هُيوزءِ! ڏس تہ سهين واڻٽي جي ٻوليءَ ۾ بہ دال ۽ پاپڙ جي ڏپ آهي.“

”سنڌي صوفين بہ واڻيا تہ دلبر ڦاسايا ها، پر انهن سان گڏ، هنن پنهنجي

ٻولي بہ بگاڙي ڇڏي.“

”راجا پوج ۽ گنگو تيليءَ جي ٻولي لکي اٿائون.“

”اها هندوستاني کهڙي بلا آهي؟“

”آهي تہ سنڌي، پر پوءِ بہ اردوءَ جي پهاج آهي.“

”اردو اسلامي ٻولي آهي. ان ڪري هندن کي ڏنيي ٿي. دراصل اردو اسلام ۽ پاڪستان لازم ملزم آهن. سنڌيءَ ۾ اسلامي سنڌي فقط علامہ دائودپوٽو لکي رهيو آهي.“

”انهيءَ کي علامہ ڪنهن ڪيو آهي؟“

”عربيءَ جو وڏو ماهر آهي.“

ڪنهن ڳالهہ تان ڇڪتاڻ ٿئي ٿي تہ گفتگو ٻيو روپ وٺي ٿي.

”تون احمق آهين.“

”احمق ڇو آهيان. بمبئيءَ جو گريجوئيٽ آهيان، تو وانگر علي ڳڙهہ ۾ گنل ۽ گولر کائي ڊگري تہ نہ وٺي آيو آهيان.“

”علي ڳڙهہ اسلامي احياءَ جو مرڪز آهي.“

”هل ڙي هل، ٻہ چار اردوءَ جا شعر ياد ڪري آيو آهين، پاڻ کي وڏو عالم ٿو سمجهين. اهڙا شعر تہ لکنوءَ جي هر لؤنڊي کي ايندا آهن.“

انهيءَ اسلامي چڙيا - گهر جي چون چون ۾ رات لڙندي هئي ۽ ڏکڻ واءَ جا ڪجهہ جهلڪا ايندا ها ۽ سپ ننڊ جي گهيرٽ ۾ اچي ويندا ها. هوا ۾ نم جي ڪچي ٻور جي خوشبو ڦهلجي ويندي هئي ۽ آڪاس جي ٽڏي نيراڻ ڏسندي نيڻ ٻوٽجي ويندا ها ۽ پوءِ هر ڪو پنهنجي گهر هليو ويندو هو.

وري هڪ ٻيو نوٽ بڪ منهنجي هٿ چڙهيو جنهن جا بہ ڪجهہ پنا قائل آهن ۽ پوءِ هي بہ لکيل آهي:

”ٽئگور جا نثري نظم بہ منهنجي من تي گهاٽي جهڙ وانگر ڇائنجي ويا هئا. جيتوڻيڪ منظوم شاعري هن تي ساوڻ جي مينهن وانگر لهندي هئي. اوهيڙا ڪري وسندي هئي ۽ هن جا نظم ائين ڪاغذ پري ڇڏيندا ها، جيئن ننگر پارڪر وٽان، نديون ارڙاٽا ڪري وهنديون آهن. مون ٽئگور جي پوئين شاعريءَ ۾ ڏٺو تہ ٻہ جلد نثري نظمن جا لکيل هئا. مان جڏهن 1963ع ۾ هندوستان مان آيو هوس تہ پاڻ سان ڪيترائي ٽئگور جا ۽ ٽئگور تي ڪتاب آندا هئم. ٽئگور جي مطالعي مون کي ان نتيجي تي پهچايو هو تہ

ٽئگور کي نہ پتنجلي جي چوٽين تي پرکي ٿو سگھجي، نہ مارڪسي جدليات ۽ فرائڊ جي نظرئي جي روشنيءَ ۾ هن جي شاعريءَ جو يا انهن محرڪات جو تجزيو ڪري سگھجي ٿو جن هن جي شاعريءَ کي اتساهيو هو.“

ٽئگور انقلابي تہ هو پر هن جي قلب ونظر جي انقلاب جو پرچار تي ڪيو ۽ نہ تشدد سان ڪنهن حڪومت جي تختي جي اونڌي ڪرڻ جو. نثري نظم ۾ هو اهي بلنديون ڇُهي نہ سگھيو هو جن جي هن کي تمنا هئي، پر پوءِ بہ انهن کي پنهنجي مهانتا هئي ۽ ڪوبہ ائين نہ چوندو هو تہ اهي اجايون هيون. پر اهي هن پوءِ پاڻ ئي لکڻ ڇڏي ڏنا. تڏهن بہ انهن نہ رڳو بنگالي ٻولي، پر پوري ڀارت جي شاعريءَ ۾ نثري شاعريءَ جي روايت قائم ڪئي. نہ رڳو انهن مان ڪي نثري نظم منفرد هيا، پر منظوم شاعريءَ کان بہ زياده مؤثر هيا ۽ نئين ٿهيءَ کي موهي ڇڏيو هئائون.

مون وانگر ٽئگور جو طبقاتي جدوجهد سان نراجوادي سمجھوتو بہ تہ نہ هو. ’نراجوادي سمجھوتو‘ اهي لفظ مون ڪٿي پڙهيا هئا؟ شايد ڪرسٽافر ڪاڊويل جي ڪتاب ’شاعري ۽ حقيقت‘ (Poetry & Reality) ۾ پڙهيا هئم. ’نراجوادي سمجھوتي تي سوچي‘ (Anarchic Alloyance) منهنجو ڌيان ڪاڊويل ڏانهن ويو. پوءِ جارج آرويل ڏانهن. پوءِ، آندري مارلو پوءِ اسٽيفن اسپينڊر ڏانهن ۽ پوءِ هيمنگ وي ڏانهن ۽ خاص ڪري هيمنگ وي جي ڏکي ڪهاڻي ”ڪلمنجارو جي برف ڏانهن“ ڪهڙا ڪهڙا نہ مڙس شريڪ ٿيا ها، اسپين جي آزاديءَ جي بين الاقوامي تحريڪ ۾. ڪيترو نہ ان تحريڪ ادب کي اتساهيو هو. آرويل، مارلو هيمنگ وي جا ناول ’ڪنهن لاءِ گهنڊ گڙي پيو‘ (For whom the bell tolls) اسپينڊر جي شاعري، جا مون ڪاليج جي دؤر ۾ پڙهي هئي. جڏهن مون اها پڪچر ڏٺي هئي. هوءَ گئري ڪوپر (Garry Cooper) جي قدآور شخصيت ۽ هوءَ ان فلم جي هيروئن، ڇا نالو هو ان جو؟ بيٽي ڊيوس. هن جي مٽي تي ننڍڙا وار ڪهڙا نہ خوبصورت ٿي لڳا. مون اها پڪچر تي پيرا ڏٺي هئي. ان جي صورت ڪنهن سان ملي ٿي؟ گرم ۽ گداز جسم ياد ڪري، مون ۾ جواني موٽي آئي. مون سوچيو تہ منهنجي جسم ۾ ساڳي گرمي نہ رهي آهي ۽ مان پيريءَ ڏانهن تيزيءَ سان وڌي رهيو آهيان. تڏهن تہ مون کي ٽئگور جا آخري نظم جي هن جي ڪتابن ’پرانتڪ‘، ’سنجوتي‘ (سنجها جو ڏيئو) ۽ ’آڪاش پرديپ‘ (اُپ

جو اُهاءُ) ۾ هئا، ڏاڍا وڻيا ها. هو شخص ويدانتي هو. شايد سمرسيٽ ماهام چيو هو تہ: ”ويدانتي ناستڪ جو نهٺو نانءُ آهي.“ هي ويدانتي پنهنجي پوئينءَ وهيءَ ۾ پنهنجي سپني واري استري نہ ٿو وساري سگهي. استري جنهن جي پالڪيءَ جو رستو هن جي رڳ رڳ مان آهي. ’نبودي‘ وانگر، ڪير ڪير آيون هيون منهنجي جيون ۾! هن نِنڊي ڪنڌ ۾ عورت ۽ مرد جي تعلقات جي باري ۾ ڪيترا نہ وسوسا آهن! ڪنهن بہ مها ڪويءَ لاءِ اهو چوڻ تہ هن جو ڪنهن سرير سان پيار هو جڻ تہ هن جي مهانتا ۾ ڏار وجهي ٿو ڇڏي. ٺئگور هجي يا پنائي يا بيو ڪوئي، سيئي اهڙي پيار کان مٿاهان آهن! ڇا سنت جي معني ’نپوسنڪ‘ آهي؟

ڇا وديا پتيءَ وانگر پنهنجي واسنا جي اظهار ۾ ڪا برائي آهي؟ مون تہ ميراجيءَ تي بہ ميار نہ ٿي ڌني، جنهن جي زندگيءَ ۾ ميراسين رڳو هڪ پيرو آئي هئي ۽ ساري زندگي ان جي رُويا سان عياشي ڪندو رهيو هو.

نہ ئي ورې مون کي ماڌو لال حسين تي ڪوئي اعتراض آهي. جيتوڻيڪ اُمرد پرستي منهنجي ڪمزوري نہ رهي آهي ۽ ساڳئي سبب ڪري نہ مير تقي مير تي، نہ آسڪر وائيلڊ، نہ آندري بيد تي مون کي اعتراض آهي. عورت جا ڇُوئي مُوئي نہ هجي، شرم ٻوٽي نہ هجي، جا ’مينائي زر نگار‘ ۾ شراب ناب وانگر هجي، مون کي وڻندي آهي. مون کي ايراني شاعره سيمين بهيماني جي ڪتاب ”چلچراغ“ مان هن جو هڪ نظم ياد اچي رهيو هو:

*من چون شراب ناب بمنیائی روزگار*
*مستی دہ و لطیف و فرحت بخش و خوشگوار*
*رنگم برنگ لالۂ خود روئی دشتہا*
*بویم چون بسوئی وحشیء گلہائی کوھسار.*

(مان مينائي روزگار ۾ شراب وانگر مستي ڏيندڙ لطيف، فرحت بخش ۽ خوشگوار آهيان. منهنجو رنگ ائين آهي، جيئن بيابان ۾ خودرو لالا جا گل ۽ منهنجي خوشبوءِ ائين آهي، جيئن ڪوهسار جي وحشي گلن جي خوشبو.)

ساڳئي نظم ۾ اڳتي چيو اٿائين:

”هن دير نہ ڪئي ۽ مون کي پيتو ۽ مون کي پنهنجي تارونءَ ۽ گلي جي گرميءَ سان ملائي ڇڏيائين.“

"چلچراغ" مون کي ايران جي ڪلچرل اتاشي ڊاڪٽر محبوب ہين ايراني ڪتابن سان گڏ تحفي طور ڏنو هو. مون کي ياد آيو تہ اسان ڊاڪٽر محبوب جي بنگلي ۾ ويٺا هئاسين. ڊاڪٽر محبوب ۽ هن جي ايراني زال ايرج مرزا جو ڪلام پڙهي رهيا ها. ايرج مرزا ڄڻ اردوءَ جو چرڪين يا جعفر زٽلي يا مرزا جان آهي. چڱو جو منهنجي مصور دوست ۽ هن جي زال کي پارسي نہ ايندي آهي. اسان وسڪي پي رهيا هئاسين ۽ ايران جا لوٽيل پستا ۽ ٻن ٽن قسمن جو پنير (Cheese) کائي رهيا هياسين. اتي ڪلچرل اتاشي بہ شريڪ هو. ٻاهر اسلام آباد ۾ ولهہ وسي رهي هئي. اندر گئس جي سِگري ٻري رهي هئي ۽ شراب جو دؤر هلي رهيو هو. اٽڪل ٻي وڳي رات جو ڊاڪٽر محبوب ماني رکائي.

اِن ايراني عورت جهڙيون ڪيئي عورتون منهنجي زندگيءَ ۾ آيون هيون، جي نهايت پياريون هيون، خوبصورت هيون ۽ انهن جا جسم پرڪشش هئا پر مون انهن جي باري ۾ اهو پيار نہ محسوس ڪيو هو جو بيچين ڪندو آهي. نہ مون سان اهڙي عورت ملي هئي، جا چاهيندي آهي تہ ٻئي کي نہ رڳو پنهنجي آغوش ۾ آندو وڃي، پر ان ۾ پاڻ کي ائين سمائي ڇڏجي جو 'من تو شدم تو من شدي' (تنهنجو من منهنجو آهي ۽ منهنجو من تنهنجو آهي.) واري ڪيفيت پيدا ٿي وڃي. اهڙيون عورتون منهنجي زندگيءَ ۾ دير سان آيون.

وري پُٺ تي نوٽ بڪ ڏانهن:

"انهيءَ دؤر ۾ لعل محمد لعل ۽ نعيم صديقي منهنجا بهترين دوست ها. لعل محمد لعل سنڌي غزل جي تراش خراش جو ماهر هو. طبيعت جو سادو ۽ سچو انسان، جنهن مون کي ڪراچيءَ ۾ پاڪستان کان اڳ ٻڌايو هو تہ هن پنهنجي خون سان اخوان المسلمين سان وفاداريءَ جو واعدو تحرير ڪيو آهي. مون کي معلوم نہ آهي، اها اخوان المسلمين ڪٿي هئي! بهرصورت اهڙي ڪائي خفيہ تنظيم هئي تہ سهين ۽ اها لعل محمد لعل جي ذهن جي اختراع نہ هئي.

شڪارپور ۾ هو ۽ مان مراد علي ڪاظم کان متاثر هوندا هئاسين. ڪاظم دين جي احياءَ جو قائل هو ۽ هو ڪنهن وقت الوحيد جو ايڊيٽر رهيو هو. هڪ پيري هو مفتون همايونيءَ جي ڳوٺ ۾، شايد رورل هيلٿ آفيسر ٿي

آيو. مان ۽ لعل محمد لعل هن سان ملڻ وياسين. هو نهايت ئي باوضع ۽ پرخلوص ماڻهو هو ۽ شاعر بہ ڏاڍو سٺو ٿئي ها. جي ايتري فارسي آميز سنڌي نہ لکي ها. هن جي وفات کان پوءِ هن جو ديوان پراسرار طور گم ٿي ويو. ان رات هن جيڪي شعر ٻڌايا ها, انهن مان مون کي ڪجهہ ياد آهن:

غـواصـيءِ عـمـيـق خرد. ڪـجهہ نـہ ٿـي سـگـهـي,

هي ڪوڏ مون ڪنا ڪيا, ساحل جي آس پاس.
صـــورت تـــازيـــانـــہ آءُ, آ چـــڱـــويـــــار, آ نہ آءُ.

هو پوڀون پيرو مون کي 1948ع ۾ فريئر روڊ تي اوچتو مليو هو. مون کي صدر جي هڪ سٺي درزي عزيز جو سبيل فل سوٽ پيو هو ۽ فارين ٿاءِ ٻڌل هئي. هن پاڪر پائي, منهنجي ريشمي ٿاءِ کي ڇهندي ڇيو: "ڇا ڪندو آهين؟"

"خالد اسحاق سان گڏ وڪالت ڪندو آهيان."

"خالد اسحاق توکي ڇا ڏيندو آهي؟" هن پڇيو.

"حساب تہ اجا نہ ڪيو آهي, جيڪي هن کي ملندو آهي, هو رکندو آهي, جيڪي مون کي مليو آهي, مون ڪائي ڪپائي ڇڏيو آهي. بهرصورت هن وقت تائين مون کي هر مهيني پنج ڇهہ هزار ملي ويا آهن. خالد جو پيءُ ڪراچيءَ جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ آهي, هو ان وقت مختيارڪار هو جڏهن منهنجو سهرو خان صاحب حسين بخش ڊپٽي ڪليڪٽر هو."

"بس, پيو بہ ڪو پارٽنر اٿوَ ڇا؟"

"عبدالقادر شيخ بہ آهي, هو پني عاقل جو آهي ۽ هن جو والد نور محمد طوطل ريهئبليٽيشن ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري آهي. اوهان هن وقت ڪٿي آهيو؟"

"فشريز ڊپارٽمينٽ ۾ هيڊ ڪلارڪ آهيان."

"اجا هيڊ ڪلارڪ آهيو؟"

"ڇا ڪريان, منهنجي صاف گوئي ۽ خودداريءَ کي منهنجا آفيسر پسند نہ ڪندا آهن."

پرسان هڪ هوٽل هو جنهن ۾ تتر ۽ ٻٽير ملندا ها, جتي مان بہ پهريءَ جي ماني کائڻ آيو هوس. مون ڪاظم کي زور ڪيو تہ هو بہ مون سان گڏجي

ماني ڪائي. جڏهن هوٽل ۾ ميز تي آمهون سامهون ويٺاسين تہ ڪاظم ٽڏو ساھہ پري، فاني بدايونيءَ جي غزل مان ڪجھہ سٽون پڙهيون، جي منهنجون اڳ ئي پڙهيل هيون:

اک معمہ ہے سمجھنے کا نہ سمجھانے کا
زندگی کاہے کو ہے خواب ہے دیوانے کا
ہر نفس عمر گذشتہ کی ہے میت فانی
زندگی نام ہےمر مر کے جئے جانے کا.

(هڪ ڳجهارت آهي نہ سمجهڻ جي، نہ سمجهائڻ جي
زندگي ڇا لاءِ آهي، ڇڙ هڪ ديواني جو خواب آهي
هر ساھہ گذريل عمر جو لاش آهي
زندگيءَ نانءُ آهي مري جيئڻ جو.)

پوءِ وري ٽڏو ساھہ پري پڇيائين: "اڃا شاعري ڪندو آهين؟"
"ڏاڍي. هاڻي تہ اردوءَ ۾ بہ ڪري رهيو آهيان."
مثال طور ڪجھہ سٽون ٻڌاءِ!

رات کروٹ بدل رہی ہے دیکھ
تیری زلفوں میں ڈھل رہی ہے دیکھ.

"مان صلاح ڏيانءِ. يا وڪالت ڪري هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيءُ، يا گورنمينٽ ۾ نوڪري ڪري، ڪنهن ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري ٿيءُ. پئسو ڪماءِ، کاءُ پيءُ، عيش ڪر. شاعري تہ توکي رت جا ڏڪ پياريندي."

مون هن کي جواب ڏنو: "مان پريل ٻٽونءَ لاءِ تہ نہ ٿو وڙهان. جيئڻ جي حق لاءِ ٿو وڙهان. شاعري بہ جيئڻ جي حق ۾ شامل آهي. مان جسم جي پوئين رت ڦڙي تائين لکندس. جيئن منهنجي تخليقڪاري، منصور جي شهادت کان بہ مٿي ڄاتي وڃي. هي ملڪ وڏي بڪواس آهي ۽ مان اها برداشت نہ ٿو ڪري سگهان. مان جيڪي صحيح سمجهندس، سو ضرور لکندس. ان لاءِ دارو رسن جي هر آزمائش لاءِ تيار آهيان. مون کي هتي سياستدان مطلب پرست لڳا آهن. انهن جي تقريرن جو مون تي ايترو اثر ٿيو آهي، جيئن ٻيلي جي ٻاھہ تي اُلٽيءَ جو ٿيندو آهي."

ايتري ۾ بيرو اچي نڪتو. مون هن کي پنهنجي لاءِ هڪ هڪ تتر ۽ ين ين ٻٽيرن جو آرڊر ڏنو. بيري ٽڙ تڪڙ ۾ هوٽل ۾ رڌل پين ڪاڏن جا نالا بہ ورتا تہ ڪاظم ڪيس چيو تہ هو ساون مرچن ۾ رڌل قيمي جي هڪ پليٽ بہ کڻي اچي ۽ پٽيل جي روٽي بہ کڻي اچي. پوءِ مون کي وري چيائين: "مان هڪ صلاح ڏيانءِ؟"

"پلي." مون وراڻيس.

"شاعري ڇڏي ڏي . ان ۾ نحوست آهي. ڏس هن وقت تائين منهنجي پگهار تي سؤ رپيا آهي. شاعريءَ منهنجو اهو حال ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جي قدرشناسي ٿئي، ناممڪن. تون هڪ هو وٽهار نوجوان آهين، ڇو ٿو اجائي عمر وڃائين؟"

"مون اڳ بک تي بہ شاعري ڪئي آهي ۽ ساري عمر شاعري ڪندو رهندس ۽ بک ڏک مون کي پنهنجي ماڳ تان موٽائي نہ سگهندا."

هن مرڪي چيو: "توکي اجا زندگيءَ جو تجربو نہ آهي. زندگي ايتري آسان نہ آهي."

"ڪاظم صاحب، زندگي آسان يا مشڪل، پر مان شاعريءَ سان توڙ تائين نڀائيندو رهندس."

هن جي چپن تي هڪ تلخ مرڪ آئي ۽ هو چپ تي ويو. هن مرچن ۽ قيمي ڏانهن هٿ وڌايو تہ مون تتر ۽ ٻٽيرن جون پليٽون سوري هن ڏانهن ويجهو ڪيون.

منهنجي هن سان اها آخري ملاقات هئي. ڪجهہ وقت پوءِ هن کي اوندهہ ڳڙڪائي وئي ۽ مون ٻڌو تہ هو گذاري ويو. اِنا للهِ وَاِنا اِليہ راجعون. هو فاني بدايونيءَ وانگر دل شڪستو ٿي مري ويو. ساري زندگي افلاس ۾ گذاريائين ۽ هن جي خودداري هن جي ترقيءَ جي آڏو آئي.

مون کي اجا تائين تہ ڪو فرق نہ آيو آهي. هي سارو سماج ڪوڙ تي ٻڌل آهي. هڪ چيٽن جي ڏيگ وانگر آهي، ان ۾ عفونت آهي. پر جيڪڏهن ان کي تيلي ڏجي تہ دونهين تي مچر پچي ويندا. ان ۾ ساڳي اقربا پروري، رشوت ستاني، دولت ۽ اقتدار جي نمائش ۽ علم وادب لاءِ نفرت، نہ تہ بہ بي پرواهي ضرور آهي.

هوڏانهن لعل محمد لعل کي قدرت عمر دراز عطا ڪئي آهي ۽ هو

شڪارپور لا ڪاليج جو پرنسپال آهي ۽ سکر هاءِ ڪورٽ جي بئنچ جو سنو وڪيل آهي. هو سال ڏيڍ اڳ ڪراچيءَ ۾ مون وٽ فلئٽ ۾ پنهنجي ڪلام جو ڇپيل مجموعو "گونج" ڪٺي آيو هو. سندس شاعريءَ تي اڳ لکي چڪو آهيان. پنهنجي اڳ لکيل آتم ڪهاڻيءَ جي حصي ۾ مون ڪاظم سان گفتگو جو ذڪر ڪيو هو ۽ ان نوٽ بڪ مان ڪيترا شدت پسند صفحا مون ڦاڙي ڇڏيا آهن. پوءِ نعيم صديقيءَ جو ذڪر آهي.

نعيم صديقيءَ سان شڪاربور جي اسٽيشن روڊ تي لعل محمد لعل منهنجي واقفيت ڪرائي هئي. هن چيو: "هي نعيم صديقي آهي، تخلص 'وجدي' ڪندو آهي."

مون مرڪي چيو: "پٽ تہ سعديءَ واري اٿس!"

نعيم هڪ ٽهڪ ڏنو. پوءِ اسين دوست ٿي وياسين.

لعل محمد، جنهن پنهنجو تخلص بدلائي 'احمر' ڪيو هو، سڳن آهوجا جو بہ يار هوندو هو. مان لعل محمد لعل 'احمر' ۽ مرحوم نعيم صديقي، شڪاربور ۾ ريل جو پٽو وٺي، چار ميل گڏ پنڌ ڪندا هئاسين. جڏهن پوڙ آئي هئي، ۽ جامڙا اسٽيشن کان ڪجهہ اوري هڪ ننڍو ڪنب چڏي وئي هئي، تڏهن اسان ان ڪنب مان گوج مڇي ماريندا هئاسين. نعيم، مرحوم حنيف صديقيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو جو سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ تي اٿارٽي سمجهيو ويندو هو. حنيف، قاضي فضل الله جو لاڙڪاڻي ۾ پارٽنر هو ۽ جڏهن قاضي فضل الله سنڌ جو چيف منسٽر ٿيو تہ حنيف کي ليگل ريمبرنسر ڪري رکيو هئائين. (جو هاڻ لا سيڪريٽري سڏجي ٿو.)

نعيم جو والد بزگوار محمد صالح صديقي، سر غلام حسين هدايت الله، سنڌ جي گورنر جو دوست هو. سر غلام حسين بہ شڪارپور جو هو. مرحوم محمد صالح صديقي ڪنهن وقت دلچسپ مذاق ڪري وٺندو هو. هڪ ڀيري نعيم ۽ مان هزاري در وٽان پنڌ اچي رهيا هئاسين تہ نعيم اوچي آواز ۾ ڳالهائي رهيو هو. هن رستي تي هڪ خوبصورت ڇوڪري ڏٺي هئي. "واهہ جو فلاڻيءَ جي ڌيءَ آهي. ريوڙي آهي ريوڙي!" تيستائين هن جي گهر جي اوطاق اچي وئي. جتي آرام ڪرسيءَ تي مرحوم محمد صالح، جاگرافيڪل مئگزين جو ڪوئي پراڻو پرچو ڏسي رهيو هو. هن نعيم جا لفظ ٻڌي، کيس چيو: "نعمن بابا! ننڍي ڌيءَ جي ڳالهہ ٿو ڪرين يا وڏي ڌيءَ جي؟"

هڪ پيري مان ۽ نعيم صديقي، حنيف صديقيءَ جي لاڙڪاڻي واري آفيس ۾ هڪ رات گذاري چڪا هئاسين، تن ڏينهن ۾ مون کي پئسي جي تنگي هئي، توڙي جو مون ايل.ايل.بي بہ پاس ڪئي هئي. منهنجي ماءُ جي مرضي هئي تہ ڪائي چڱي نوڪري ڪريان. انهن ڏينهن ۾ مان چڻ نعيم جي خاندان جو فرد ٿي ويو هوس. مون هن سان ڳالهہ ڪئي تہ نعيم چيو :”ادا حنيف آهي تہ ڪم سوال ماڻهو پر مان بابا ۽ ڀين گهر جي ڀاتين کان چئي وٺي، توسان گڏجي ادا وٽ ٿو هلان ۽ چوانس ٿو تہ قاضي صاحب کي چئي، توکي اسسٽنٽ ڪمشنر رکي.“

اسان چئني وٺي، ڪراچيءَ آياسين. شام جو حنيف صديقي گهر ۾ ڪونہ هو. گهر ۾ هن جا چائنيز ڪرٽن (پردا)، مغل تصويرون ۽ ٻيو آرائشي سامان، هن جي ثقافتي ذوق جي تصديق ڪري رهيو هو. نعيم هن جو ريفريجريٽر کوليو ۽ ان مان بہ شيمپئن جون بوتلون ۽ هڪ شيريءَ جي بوتل ڪڍيائين. سارو ريفريجريٽر وسڪيءَ ۽ شراب سان ڀريو پيو هو. پوءِ اهي بوتلون ٿيلهيءَ ۾ وجهي چيائين: ”هل تہ تو واري فليٽ تي هلي پيئون.“ حقيقت ۾ اها فليٽ منهنجي نہ هئي، پر حشو ڪيولراماڻيءَ جي ڪرائي تي ورتل هئي، جنهن کي ٿورو وقت اڳ جلا وطن ڪيو هئائون. حشو منهنجي عدم موجودگيءَ ۾ آيو هو ۽ زرينا کي چيو هئائين: ”ڏيءَ مان اندر اچان. مون کي ڪجهہ وقت ترسڻو آهي. مان ٻئي ڏينهن هندوستان ٿو وڃان.“ زرينا حشوءَ جي نالي کان چڱيءَ طرح واقف هئي، هن کيس اندر اچڻ ڏنو. هن پهرين تہ ڪمري ۾ کٽ تي نظر وڌي، جنهن تي هو ان وقت کان سمهندو هو جنهن وقت مان هن وٽ اڪيلو رهندو هوس.

سرلا غالباً ڈالميا سيمينٽ فيڪٽريءَ ۾ ڪنهن آفيسر جي زال هئي، پر حشوءَ سان 1942واري انگريز سامراج خلاف هلايل هلچل کان وٺي عقيدت ۽ محبت رکندي هئي ۽ مڙس جي پرواهہ ڪئي بنا حشوءَ سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏ گذاريندي هئي ۽ هن جي کٽ تي نوار جو حصو ٿي وئي هئي.

مان جڏهن 1963ع ۾ دهليءَ ويو هوس، تڏهن سرلا جو مڙس مري چڪو هو ۽ هن حشوءَ سان شادي ڪئي هئي. هن کي اڳئين مڙس مان پاڻ جهڙيون بہ خوبصورت ڌيئرون هيون ۽ حشوءَ مان هڪ پٽ هوس. جنهن جو نالو ’گل‘

هو پر حشو هن کي ’گل محمد‘ ۽ پاڻ کي ’حمشت الله خان‘ ڪوٺيندو هو.

’گل‘ کي نهروءَ بهترين چائيلڊ آرٽسٽ جي حيثيت ۾ انعام ڏنو هو ۽ جڏهن سيمينار تي ٻئي پيري ويو هوس تہ هو جرمنيءَ ۾ آرٽ جي وڏيڪ تعليم ۽ تربيت وٺي رهيو هو.

حشوءَ هڪ تہ ڪمري ۾، مٽي ذڪر ڪيل ڪٽ ڏانهن ڏنو ۽ پيو سنڌ جي نشانيءَ طور، هالا جو نهيل هڪ گلدستو ڪنيو. باقي سڀ ڪتاب سارو سامان، برتن وغيره ڇڏي، زرينا کي چيائين: ”ڏيءَ! هي اوهان وٽ ڇڏيان ٿو. جي مان موٽي آيس تہ مون کي ڏجو نہ تہ اهي سڀ اوهان جا آهن.“

مان ڪراچيءَ ۾ خالد اسحاق ۽ عبدالقادر شيخ سان گڏ وڪالت ڪندو هوس، جيڪي ٻئي منهنجا ڪلاس فيلو رهيا هئا. مون جڏهن ڏٺو تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاعري ناممڪن هئي، تہ اوچتو مون خالد اسحاق کي چيو: ”مان ڪراچيءَ کي ڇڏي ٿو وڃان ۽ سکر ۾ وڪالت ڪندس.“

خالد اسحاق مون کي مرڪي چيو: ”ٽي مهينا منهنجي آفيس ۾ تنهنجي ڪرسي خالي رهندي.“

مان فلئٽ مونس جي حوالي ڪري، سکر هليو ويس. پٺيان مونس پنهنجي لاابالي طبيعت جي ڪري، حشوءَ جو سارو سامان ۽ سمورا ڪتاب تلف تاراج ڪري ڇڏيا.

مون ڳالهہ ٿي ڪئي نعيم جي. حنيف صديقيءَ جي گهران موٽي، اسان بہ ٻزن سيخ ڪباب ۽ نان صدر مان ورتا ۽ آياسين فلئٽ تي. ٻئي شئمپئن جون بوتلون بہ پيتيونسين ۽ نان سان ڪباب بہ کاڌاسين.

نعيم چيو تہ: ”رات جو ادا سان ڳالهہ ڪندس. تون صبح جو ڏهين وڳي اسان وٽ پهچي وڃجانءِ.“

مان ٻئي ڏينهن ڏنل وقت موجب نعيم جي گهر پهتس. حنيف آفيس لاءِ تيار بيٺو هو ۽ نعيم کي چيائين تہ: ”چئين وڳي قاضي صاحب جي بنگلي تي هلنداسين. تيسين منجهند جي ماني هن کي هتي کاراءِ!“

اسان مرحوم حنيف سان گڏجي قاضي صاحب جي بنگلي تي وياسين تہ اسان کي ويسٽرن پڪچر جو نظارو نظر آيو. قاضي صاحب جي هٿ ۾ ريوالور هو ۽ پرسان ڊي. ايس. پي ان جي لبلبي کي دٻائي رهيو هو تہ گوليون وڃي پيرَ جي ٽڙ ۾ تي لڳيون. جڏهن ڊي. ايس. پي ريوالور مان هٿ تي ڪڍيو

تہ قاضي صاحب جو هٿ ڏڪي ٿي ويو ۽ لبلبو دٻايائين تہ گولي ڪنهن اونڌي رکيل بالٽيءَ کي وڃي لڳي، جا وڻ جي ڀرسان رکي هئي. قاضي صاحب ريوالور ڊي. ايس. پيءَ کي موٽائي ڏنو ۽ چيو تہ: ”وري سياٽي ٽارگيٽ شوٽنگ ڪنداسين.“

ان کان پوءِ هو مرحوم حنيف سان اڌ ڪلاڪ ڪمري ۾ ڳالهائيندو رهيو. حنيف جڏهن ڪمري مان ٻاهر نڪتو تڏهن هن مايوسيءَ واري انداز ۾ چيو: ”قاضي صاحب چوي ٿو تہ اسسٽنٽ ڪمشنر تہ نہ، پر اي. پي. پي (اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر) چوي تہ ڪريانس.“

مون حنيف صاحب کي چيو: ”سائين مان اهڙو جڏو وڪيل تہ نہ ٿيندس، جو اي. پي. پي ٿيان.“

پاڪستان کان پوءِ مون کي آل پاڪستان ترقي پسند مصنفين جو وائيس پريزيڊنٽ ڪيائون، ڇو تہ ان وقت مان واحد سنڌي هوس، جو اردوءَ ۾ قابل قبول جديد شاعري ڪري سگهندو هوس ۽ جنهن جي اردوءَ جي ڪلچر ۽ زبان سان ايتري آشنائي هئي، جيتري هنن جي بہ نہ هئي، جي اجا تائين دهلوي، الله آبادي، گڙگانوي ۽ فتح پوري وغيره هيا. مان نہ رڳو ترقي پسند مصنفين جي ويهڪن ۾ شريڪ ٿيندو هوس ۽ شعر پڙهندو هوس، پر حلقہ ارباب ذوق ۾ بہ ويندو هوس. حلقہ ارباب ذوق ۾ الطاف گوهر ۽ ممتاز حسين بہ شامل هئا. جن مان اڳتي هلي الطاف گوهر، ايوب خان جو انفارميشن سيڪريٽري ٿيو ۽ چون ٿا تہ هن جي ڪتاب ’دوست ۽ نہ حاڪم‘ (Friends not Masters) جو مصنف هو ۽ ٻيو اڳتي هلي اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر ٿيو.

مان جڏهن دل جي علاج لاءِ ڪراموبل اسپتال لنڊن ۾، ان سان لڳ هاسٽل ۾ رهيل هوس تہ الطاف گوهر، مرحوم حسن عابديءَ جي بي. سي. سي. آءِ ۾ ڪنهن عهدي تي هو. هن افتخار عارف کي منهنجي مزاج پرسيءَ لاءِ موڪليو هو ڇو جو هو پاڻ ڪنهن ضروري ڪم ۾ مصروف هو. افتخار عارف، جميل جالبيءَ کان پوءِ مقتدره قومي زبان جو چيئرمئن آهي.

قاضي فضل الله سان گفتگو کان ڪيئي سال پوءِ، در محمد اوستي ۽ ٻين تي سنگين جرم جي مبينا ارتڪاب ڪري، اي. ڊي. ايم جيڪب آباد وٽ فرياد داخل ڪئي وئي هئي ۽ مون کي ۽ قاضي فضل الله کي جوابدارن

جو وڪيل ڪيو ويو هو.

جعفر خان جمالي، جيڪو در محمد اوستي جو دوست ۽ سياسي سرپرست هو ۽ جمالي قبيلي جو سردار بہ هو تنهن پيشيءَ کان پوءِ اسان جي مان ۾ پرتڪلف دعوت ڪئي هئي. مان قاضي صاحب جي ويجهو ويٺو هوس. هن منهنجي آڏي پڇا ۽ سرڪاري وڪيل غوث بخش شيخ سان انگريزيءَ ۾ تند ۽ تيز گفتگو ٻڌي هئي ۽ مون کان متاثر ٿي نظر آيو ۽ مون کي چٽائي ڏسي چيو هئائين: ”تون مون وٽ حنيف صديقيءَ سان گڏ نوڪريءَ لاءِ آيو هئين. مون کي افسوس آهي، تہ مون تو جهڙي ذهين ماڻهوءَ کي مايوس ڪيو هو.“

مون جواب ڏنو تہ: ”قاضي صاحب! اوهان افسوس نہ ڪيو افسوس تہ مون کي ڪرڻ گهرجي، جو مان نوڪريءَ جو تمنائي ٿيو هوس.“

زندگي خواب وانگر گذري ٿي وڃي. نعيم، ثميره زرين جي پاءُ غلام محمد سان گڏ ايم. بي. بي. ايس جي لاءِ علي ڳڙهہ ويو هو. پر هاسٽل ۾ هن کي هڪ اگرو شرط نہ وڻيو هو جو اتان جي شاگردن هن کي وڌو هو. غلام محمد اهو شرط قبول ڪيو هو. اسان جو هڪ بزرگ سياستدان ان کي اوٽي موٽي چوندو هو.

وقت درياءَ وانگر چوليون هڻندو وهندو رهيو. مان وڪالت ۾ چڱيءَ طرح پير کوڙي سگهيو هوس. نعيم بمبئيءَ مان ايم. بي. بي. ايس ڪري لنڊن ويو جتان ستن سالن ۾ ايف. آر. سي. ايس ڪري موٽي آيو. هو اتان هڪ اطالوي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، کيس بہ ساڻ وٺيو آيو. مون ٻنهي تي هڪ نثري نظم لکيو آهي، جو ڪنهن ڪتاب ۾ ڇپيو آهي. اوچتو مون کي نعيم سان آخري ملاقات ياد پئي.

”نعيم، مون کان تنهنجي هڪ غزل جو مطلع وسري نہ ٿو وسري“

”ڪهڙو؟“

”زندگي پنهنجي خرابات ۾ گذري ويندي،
اجنبي نالہ ونغمات ۾ گذري ويندي“

”خرابات ۾ گذري تہ بهتر. مون کي تو وانگر منصور ٿيڻو ناهي.“

”نعيم توکي شاعريءَ سان ڪيتري نہ محبت هوندي هئي! تون تہ چوندو هئين تہ پٽ - ڪِٿين جي هڪ گهڙي، ساپي جي سوَ سالن کان بهتر

آهي.“

نعيم جواب ڏنو: ”مان هاڻ بہ ائين ٿو چوان. مون فقط شاعريءَ تان توجهہ پري ڪري، زندگيءَ تي مرڪوز ڪئي آهي. پٽ ــ ڪِئين ڪان بہ پوپٽ بهتر آهي، جيڪو پانت پانت ڦلواڙيون ڦرندو وتندو آهي. مان چوان ٿو تہ دنيا گهمان، زندگي غزل وانگر گذاريان ۽ موت جي مقطع ۾ ايتري رنگيني پريان، جو منهنجو آخري قافيو حافظ ۽ خيام کان وڌيڪ ترنم ريز ٿي وڃي.“

”نعيم، تون مغرب ۾ رهي، ڪيترو نہ بدلجي ويو آهين! مغربيت سان تہ مون کي بہ محبت آهي. جديد تهذيب جو پورو نچوڙ اُتي ملي ٿو پر تون ۽ مان تہ سنڌ جي مٽي آهيون. ڪڏهن تہ انهيءَ بٺ تي بونڊڙيون وسنديون. ڪڏهن تہ اتي بہ ڦوڳ ڦولاربا!“

نعيم ٿهڪ ڏنو.

”سنڌ جي مٽي، پٽائيءَ جي پٽ جي مٽي، درازن جي دز.“

”نہ بابا، مان مٽي نہ آهيان، مان بٺ تي بيهي بادل ڏسڻ نہ ٿو چاهيان. آخر انسان ذات جي ساري تهذيب اسان جي تهذيب جو ورثو آهي. جي انسان ويانا ۽ روم جي ڪنهن نائيٽ ڪلب ۾ رات گذاري سگهي، تہ تو وانگر روهڙيءَ ۾ رات ڇو گذاري؟“

”نعيم تو تہ شاعريءَ کي هميشہ لاءِ ڇڏي ڏنو آهي!“

”ها، ڇو تہ سنڌي پوليءَ کي...........“

(نوٽ بڪ مان هڪ ٻہ صفحا ڦاٽل آهن.)

”مان يورپ جون آرٽ گئلريون، آپيرائون، نائيٽ ڪلبون ڇڏي ڏيان ۽ هتان جون پٽيون ۽ پاڻ ڇا لاءِ پسند ڪريان؟ آخر مان ڪو اردوءَ جو ميراثي شاعر تہ ناهيان، جنهن جي معاش جو ذريعو مشاعرو ٿي سگهي! مان ڊاڪٽر بہ آهيان تہ انسان بہ آهيان. پاڪستان ۾ ٺٽي جي اسپتال ۾ مون کي رکيو هئائون. اتي هڪ ڏينهن مون هڪ ڳوٺاڻي ٻڍڙيءَ جي ملم پٽي پئي ڪئي، جا بيل گاڏيءَ تان ڪِري پئي هئي. مون بيماريءَ ۾ رنگ، قوم، نسل ۽ معاشي حيثيت ۾ فرق جي باوجود، هر مريض کي هڪ جهڙو ڪري ڏٺو آهي. ماڻهو جو پهاڙ ڏاري سگهندو آهي، بيماريءَ ۾ ڪِئليءَ جهڙو ڪمزور هوندو آهي. مون هن کي رڙيون ڪندي، جهرندي، وڦلندي ۽ وٺ ڪائيندي ڏٺو آهي ۽ مون کي سدائين هن تي رحم آيو آهي. ان ڪري مون کي هيٺي جي دک تي ويتر

ٻاجهہ ايندي آهي. مون اڳي ذڪر ڪيل ٻيڏڙيءَ جي ملم پٽي ٿي ڪئي تہ هڪ پٽيوالو آيو ۽ چيائين تہ: "اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب ڪي ڏينيوءَ ڏنگيو آهي ۽ ڪيس بدن تي چاپاڪو ٿي پيو آهي. اوهان کي گهرايو اٿائين."

مون هن کي چيو تہ: "مان هن ٻيڏڙيءَ جي ملم پٽي ڪري ۽ هڪ ٻہ ٻيا مريض، جيڪي ٻهراڙيءَ مان آيا آهن، انهن کي ڏسي اچان ٿو."

گهڙي مس گذري تہ پٽيوالو پڇندو آيو ۽ چيائين تہ: "صاحب اوهان کي سڏي رهيو آهي ۽ چيو اٿائين تہ ٻيو سڀ ڪم ڇڏي هليا اچو."

مون وري بہ هن کي چيو تہ: "مان ٿوري دير ۾ اچان ٿو."

جهٽ پلڪ بعد ٿيون ڀيرو آيو تہ مان هن سان گڏجي ويس. ڏٺم تہ صاحب بهادر مُئيون پيڪوڙي وڦلي رهيو آهي ۽ مون کان دڙڪي سان پڇيائين تہ: "ڊاڪٽر تون تہ جيل جيل ٿو ڪرين. مان چاهيان تہ توکي هن وقت گرفتار ڪرائي سگهان ٿو."

مون هن کي جواب ڏنو تہ: "تون مريض آهين، تنهنڪري مان توسان سختيءَ سان ڳالهائي نہ ٿو سگهان. توکي، مون کي جيل ۾ وجهڻ جي همت آهي تہ وجهي ڏس."

ان تي هن مون کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ مُڪون اولاريون. مون هن کي ڪوئي جواب نہ ڏنو ۽ رڳو پٽيوالي کي چيم: "اچ تہ توکي دوا ڏيان." اسسٽنٽ ڪمشنر مون کي آخر ۾ انگريزيءَ ۾ دڙڪو ڏنو: "مان توکي ڏسي رهندس."

هو سي. ايس. پي آفيسر هو ۽ هن جي وڏي پهچ هئي. سي. ايس. پي ڪوريئڙي جو جار هو جنهن ۾ چوٽيءَ تائين پهچڻ ۾ دير نہ لڳندي هئي. مون کي قلات ۾ سول سرجن ڪري موڪليائون. غالباً هن اها سزا سمجهي، ڇو تہ اتي رشوت جي گنجائش نہ هئي. ايازا اعتبار ڪر، ٻن سالن کان مون کي زال چوندي هئي تہ مون کي فرڪوٽ وٺي ڏي، پر مان ايترا پئسا بچائي نہ سگهيو هوس، جو هن جي طلب پوري ڪري سگهان. آخر پئسا ڪٿان آڻيان؟ سرڪاري دوائون وڪڻان؟ ڪوڙا ميڊيڪو ليگل سرٽيفڪيٽ ڪڍان يا ڪوڙيون شاهديون ڏيان؟ پگهار مان تہ گذر اوقات بہ مشڪل سان ٿيندو آهي. مون ادا حنيف جي سامهون، گورنمينٽ سان ٽيل باند ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڦٽي ڪئي ۽ هن کي چيو تہ: "مان وچ اوير وڃي رهيو

آهيان ۽ اتي قسمت آزمائيندس ۽ هن ايگريمنٽ کي ٽڪ هڻي هليو ٿو وڃان. تون پڻ جو خيال رکجانءِ.“ هاڻي مان بحرين ۾ سول سرجن آهيان. سٺ هزار مهينو (هن وقت جي ويهن لکن جي برابر) پگهار ملندي آهي. ٻہ موٽرون آهن. بنگلو آهي. ٻار ڪنوينٽ اسڪول ۾ پڙهندا آهن. وقت شاعريءَ کان سٺو پيو گذري!“

نعيم ڪجهہ سال اڳ دل جي دوري پوڻ سبب گذاري ويو. سندس هڪ ٻہ نظم ڏي. جي سنڌ ڪاليج جي ادبي سرڪل پاران ڇپيل ڪتاب ’لهرون‘ ۾ شامل آهن، جنهن ۾ منهنجو نهايت باغياڻو نظم ”او باغي او راڄ دروهي“ ڇپيل آهي. پروفيسر رام پنجواڻي اهو نظم دِلي تي ڳائيندو هو ۽ ٻہ ٽيرا جلسن ۾ چيو هئائين: ”اسان اسيمبليءَ ۾ ٻہ چوندبون فقط انهيءَ نظم جي ڪري ڪٽيون.“

نعيم جو ٻيو بہ ڪيتروئي ڪلام هو جنهن جي باري ۾ اهو پتو نہ پئجي سگهيو تہ اهو ضايع ٿي ويو يا هن کان ڪٿي وڃائجي ويو يا سندس اطالوي زال ان کي اهميت نہ ڏئي ساڻ ئي نہ ڪنيو ۽ پنهنجي وطن موٽي وئي. غالب چيو آهي:

سب کہاں کچھ لالہ وگل میں نمایاں ہوگئیں
خاک مین کیاصورتین ہوں گی کہ پنہاں ہوگئیں.

پر افسوس، انهن صورتن تي آهي، جيڪي فقط خاڪ ۾ پنهان ٿيون ۽ لاله وگل ۾ نمايان نہ ٿي سگهيون.

نعيم جي ڳالهہ منهنجي دل ۾ ڪپي وئي هئي. انسان ڪنهن بہ آدرش لاءِ پنهنجو چئن ۽ آرام ڇو ڦٽائي؟ هن کي ڪهڙي خبر تہ اهو آدرش صحيح بہ آهي يا نہ؟ ڪير نہ ٿو چاهي تہ ڏينهن جو ڇپر جي ڇانءَ هجي ۽ رات ڪنهن منڙيءَ ماڻهوءَ جي ڇڳ سان چنبڙي پوي ۽ پرهہ ڪنهن پرينءَ جون پنبڻيون چمندي اچي! سک ڪنهن کي پيارو ناهي! ڪنهن ڪيلي جهڙي بدن تي هٿ گهمائيندي مون کي ڪيترو نہ سُرور ايندو آهي! هٿن ۾ عورتن جي ماس جو پرپور ڇهاءُ ڪيترو نہ لُيائيندو آهي!

ڪنهن سلوڻي سوادي شيءِ جو سواد ڪيترو نہ وڻندو آهي! هيءَ حياتي، هي ڪن پل جو ميلو ڪهڙو نہ موهڻو آهي! هي پانت پانت جا ماڻهو هي روشنين جا شهر، هي تِن جون گوناگون ٻوليون، هي رنگ رنگ جا

ڦوڪٽا، جي هوا ۾ اڏامي ڦاٽي پون ٿا. هي طنابون، هي قناتون، هي گهنگهرو هي ڇم ڇم ڪندڙ رقاصائون، هي جام، هي صراحيون، هي جيئڻ جا سڀ سانگ ڇڏي، اوچتو ڪوئي اجنبي قلندر ان ميلي ۾، وائڙو گهمندو نظر اچي ٿو ۽ پنهنجي اڪيلائيءَ ۽ اباڻڪائيءَ کي چوڏاري جهرمر ۾ جرڪندو ڏسي، رلي ڪلهي تي ڪٽي رمندو رهي ٿو. هن کي ڪوئي منڊ نہ ٿو موهي سگهي. ڪوئي سانگ نہ ٿو سرچائي سگهي. هو سوچي ٿو تہ ڦوڪٽا ناپائدار آهن. انهن جي هوا ۾ هستي ئي ڪهڙي آهي! چانڊوڪيءَ ۾ هن جي رليءَ جون چٽيون چمڪي رهيون آهن ۽ ڪوئي اٽائو ڊگر هن جي پيرن کي چڪيندو ٿو رهي.

وچ ۾ ويهارو پنا ڦاٽل آهن، پر وڌيڪ مواد منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي تسلسل ۾ ڪپي وجي ٿو.

"آه! هي تنهائيءَ جي زندگي! چوڏاري جيل جون پٽيون، مٽي، چُن ۽ پٿر جون پٽيون، گونگيون، ٻوڙيون، انڌيون پٽيون، جن ۾ نہ پکيءَ جو پڙلاءُ آهي، نہ وڻ جو پاڇو آهي. جن جي سيخن مان آڪاس ڌرتيءَ جي تڏي ساهہ وانگر لڳي رهيو آهي. ڪير ڏارا ڪنهن چنڊال جي سنگهہ وانگر پڪڙجي وئي آهي. انهيءَ تنهائيءَ ۾ جنسي جذبو ڪهڙو نہ چريو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪاري ڪچونءَ جي پٺيءَ جهڙي گدلي گدلي ننڊ اچي ويندي آهي. اهو سڀ ڪجهہ انسان ڇالاءِ سهي ٿو؟ ڪنهن آدرش لاءِ؟ آدرش، آدرش، جنهن کي ڪويءَ "ڪڪريون منهنجو ويس" چيو آهي.

روسي ناول نويس گوگول جي ناول "تارس بلبا" (Taras Bulba) جي پوئين حصي ۾ آهي تہ تارس بلبا جو پٽ پنهنجي محبوبہ لاءِ پنهنجي قوم، پنهنجي قبيلي ۽ وطن سان غداريءَ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو تہ هوءَ هُن کي چوي ٿي: "مون کي ڇڏي ڏي، مون لاءِ پنهنجي قوم ۽ وطن کي ڪيئن ٿو قربان ڪرين!" جنهن تي هو جواب ڏئي ٿو:"منهنجي مِٺي! تون ئي منهنجي قوم آهين، قبيلو آهين، وطن آهين." ڪنهن عورت لاءِ آدرش کي ڇڏڻ يا فقط عورت کي آدرش بنائڻ ايترو ڏکيو آهي نہ آهي، جيترو آدرش لاءِ پوري عورت ذات جي صحبت کان محروم رهڻ. (وري اڌ پنو ڦاٽل آهي.)

"جي تون اهو سوال سلين تہ شايد مون کي زندگيءَ جي آدرش جي معنيٰ ملي وڃي."

”ڪهڙو سوال؟“

”ڪوئي بہ زندگيءَ جو عيش ۽ آرام ڪنهن آدرش لاءِ قربان ڇو ڪجي؟“

”مثال طور!“

”تون جي چاهين ها تہ هڪ بهترين آفيسر يا وڪيل ٿي سگهين ها. پنهنجي لاءِ، پنهنجي اولاد لاءِ عيش ۽ آرام پيدا ڪري سگهين ها. پر ان هوندي بہ تو هيءَ زندگي قبولي! تون چوندو آهين تہ ڪيترائي سال تون جنهن ڪوٺ ۾ نظربند رهيو آهين، اتي سانجهي ڪنهن مساڻ جي ڏائڻ وانگر ايندي آهي ۽ رات ڪنهن گونگيءَ چريءَ وانگر چپ هوندي آهي. تو خود چيو هو تہ جيل جي ڪنهن ڪمري ۾ توکي رکيو ويو هو اتي ايتري تہ تنهائي ۽ خاموشي هئي، جو جڏهن تو پريان ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌو هو تڏهن تڙي ڦاڙي رڙيون ڪيون هيون ۽ رنو هئين. ان سڀ جي باوجود، تنهنجو ارادو ۽ عزم اجا مستحڪم آهي، تون انهيءَ پيڙا کي ڪهڙي پرينءَ جي پار جي منائي سمجهي رهيو آهين؟ توکي هِئي جهان ۾ بہ اعتبار نہ آهي، توکي اهو بہ يقين نہ آهي تہ تون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪوئي انقلاب ڏسي سگهندين. مُئي ڪانپوءِ سج اُڀري يا نہ اُڀري! تو اها پيڙا ڇو چونڊي ورتي آهي؟ ٻيو مثال ٻڌ! جيڪڏهن اتفاق سان اهو موقعو اچي جڏهن توکي جان ڏيڻي پوي يا پاڻ کان وڌيڪ ڪارائتي ساٿيءَ يا پنهنجي آدرش کي جوکي ۾ وجهڻو پوي تہ مون کي يقين آهي تہ تون پنهنجي جان ڏيڻ پسند ڪندين. ڇو آخر ڇو؟“

مون کي تہ ڇا، پر جي منهنجي ساري ڪٽنب کي جان ڏيڻي پوي تہ مان اهو بہ پسند ڪندس. منهنجو جواب هي آهي تہ، ”پنهنجي آدرش لاءِ جدوجهد کان سواءِ منهنجي زندگي بي معني! آهي.“

”پر ڇو؟ منهنجو سوال تہ اتي ئي رهجي ويو جتي اڳ هو.“ هن ڪوئي جواب نہ ڏنو ۽ مان نظيريءَ جي سٽ جهونگارڻ لڳس:

*کسی کہ کشتہ نہ شد از قبیلۂ ما نیست*

(جيڪو ڪُٺو ناهي، اهو اسان جي ڪڙم مان نہ آهي.)

(مان پانيان ٿو تہ مٿيون ڊائلاگ مون سوپي گيانچنداڻيءَ سان ڪيو هو

معلوم نہ آهي تہ يو.ايس.ايس. آر جي تالان والان ٿيڻ کان پوءِ هن جي سوچ ۾ ڪائي ڦير گهير آئي بہ آهي يا نہ!)
(وري ڪيئي صفحا ڦاٽل آهن.)
"ڇُرن ڇٽڪن ڇت ۽ هُرن منجهہ هيئن."
مون کي شاهہ جي سُر سهڻيءَ مان سٽ ياد آئي. مون سوچيو:
"اڄ هينئين ۾ ڇاڇا نہ هُري رهيو آهي! هي منهنجو استاد ڪيئل داس فاني. بدي جي نئنهڻ اس ۾ ڪانوَ جي اک تي نڪري رستي جو ڏامر تپي لوهہ ٿي ويو آهي. تتي هوا لڳ ساڙي رهي آهي ۽ بدن تي پت تڙڪي رهي آهي. پگهر اُگهي مان سُڪ پل تي هن جي گهر ۾ ويجان ٿو. آڳر ۾ پاٽيءَ جو ڇڙڪاءُ، واڻ جي آلي کٽ تي رلي، چوڌاري ڪچيون ٺڏيون پيتيون. جن مان ٻهہ جا ڪجهہ ڪک نڪري آيا آهن. هو کٽ تي ويٺو آهي ۽ ڪجهہ لکي رهيو آهي. ڇدڙا، ڪڪيرا وار موڪرو منهن، سانورو رنگ، سہاجهو سياءُ. مان هن جا پير ڇهان ٿو ۽ هُو منهنجي پٺي ٺپي ٿو ۽ مون کي پرسان ويهاري ٿو.
"اڄ سورج تي نظم لکي رهيو آهيان، 'تنهنجي هستي، تنهنجي مستي، تنهنجي بستي، بي مثال.'" مون کي ساڳيءَ سٽ ۾ قافيي جو تڪرار وٽي ٿو ۽ منهنجو منهن تڙي پوي ٿو.
"سائين! مون اڄ هڪ نئون گيت لکيو آهي."
"ٻڌاءِ."
مان گيت پڙهان ٿو:
"سڀ آهہ خيال وخواب او ساقي!"
"هاڻي تنهنجي عمر گهڻي آهي؟"
"چوڏهن سال."
"تو ڪوئي ساقي ڏٺو آهي؟"
مان لڄي ٿي ويجان ٿو ۽ ڪنڌ ڌوڻي نهڪر ڪريان ٿو.
"ساقي ڪنهن کي چوندا آهن؟"
"جيڪو مئي پياري." مان لڄي ٿي ويجان ٿو.
"توکي ڪهڙي خبر تہ مئي ڪهڙي ٿيندي آهي؟ ڪويتا وِهہَ جو ڍڪ آهي، ڪلپنا جو امرت نہ آهي. پهرين چکي ڏس، پوءِ ان تي لِکُ."
"سائين گيت جو وزن ٺيڪ آهي."

"اهو ضروري نہ آهي تہ اسين عربي ۽ فارسيءَ بحر ڪم آڻيون. اسان جا ڪيترائي شاعر عربي ۽ فارسيءَ جا وڏا ماهر هئا، پر پوءِ بہ ٺيٺ سنڌي بيت لکيائون."

"پر بيوس سائين بہ تہ فارسي بحر وزن تي لکي ٿو."

"بيوس جي پارسي بحر وزن جي ڪڏهن نہ لڳي ها، تہ ساميءَ کان وڏو شاعر ٿئي ها. بيوس جي عظمت انهيءَ ۾ آهي تہ هن صدين جو جمود ٽوڙيو آهي. سونهن سدائين نہ وسندي آهي، اها ڪڏهن ڪڏهن سانوڻ مينهن جيان ايندي آهي ۽ صديون سِڪائي ڇڏيندي آهي. جڏهن ٻُٽ ٻَنيءَ وانگر ٻرندو آهي، تڏهن وسڪارو ورندي آهي، شاهہ لطيف موسلا ڌار مينهن وانگر ٿي آيو ۽ جڏهن ويو تہ صديون مينهن ڦڙي نہ وسي. شاهہ لطيف کان بيوس تائين سنڌي شاعري ، اها وشال واري آهي. جنهن ۾ ڪجهہ ڪانڊيرا نظر اچن ٿا، جن کي اسان درخت چئون ٿا. بيوس ڪانڊيرو تہ نہ آهي، پر هن ۾ اهو ٽڙ، اهو ڇٽ ۽ اها ڇانوَ ڪٿي آهي! بيوس ۾ اها چنتا ۽ چيتنا نہ آهي، جا ڪويتا کي مهان بڻائيندي آهي، اجا ان ۾ دير آهي، جڏهن وڄڙيون ورنديون ۽ چؤماسي جي ڇڪا چوند ٿينديء" هن شفقت سان منهنجي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ منهنجي شعر جي اصلاح ڪرڻ لڳو.

(مٿيون اظهار خيال ڪيئل داس فانيءَ جو آهي، ٻولي منهنجي آهي.)

فرانس ۾ ائرسٽوڪريٽ عورتن جا سئلون هوندا هئا، جتي وڏن شاعرن، اديبن ۽ آرٽسٽن جو دعوتون ٿينديون هيون. شڪارپور ۾ حجم جي دڪان کي سئلون چوندا هئا. سئلون ۾ زيبدار ڪرسيون هونديون هيون، جي شهر ۾ ڪنهن جي اوطاق ۾ نہ هونديون هيون. نبي بخش حجم، جو منهنجو ٻاڙيسري هو انهيءَ جو سئلون ان ڏس ۾ مشهور هوندو هو ۽ اسان ڪجهہ اسڪولي ڇوڪرا، اتي خالي ڪرسين تي ويهندا هئاسين ۽ ادبي گفتگو ڪنداهئاسين. انهيءَ سئلون ۾ منهنجي لاڙڪاڻي جي وڏي شاعر نواز علي 'نياز' سان ملاقات ٿي هئي. لال لوئيءَ جي شام هئي. ٻاهر ولهہ وسي رهي هئي ۽ شڪارپور جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هندو ٻاهہ جا مچ ٻاري رهيا هئا. نبي بخش حجام جي سئلون ۾ سگري ٻري رهي هئي ۽ درين تي شيشن مان ٻاهر ٻرندڙ شعلن جو شعاع ٿي نظر آيو. چوڏاري سرنهن جي تيل سان ڀريل ڪيئي شيشيون رکيون هيون، جن تي وديشي تيل جا ليبل لڳل هئا. اهي

شيشيون اڻ ڳاڻ گراهڪن تي رعب ڄمائڻ لاءِ رکيون ويون هيون.

سامهون ميز ۾ انگلنڊ جا شيشا ٽنگيل هئا. هڪ آئيني پرسان نبي بخش حجم جو شاگرد، ڪوڙو حجم، ڪنهن جا وار ٺاهي رهيو هو ۽ هن جو خوبصورت چهرو ۽ وار آئيني ۾ نظر اچي رهيا هئا.

سئلون ۾ لاڙڪاڻي جو مشهور شاعر نواز علي ’نياز‘ ويٺو هو. هن هڪ ڏينهن اڳ شاهي باغ پرسان هانڊي ۾ گلاب جو گل هٿ ۾ جهلي، گل تي مسدس جا ٻہ سؤ بند پڙهي، شڪارپور ۾ ٽرٽلو وجهي ڇڏيو هو. هونءَ ”سنڌو“ ماهوار رسالي ۾ رام پنجواڻيءَ جي نواز علي نياز تي لکيل مضمون جي ذريعي اسان ڄاتو هو تہ ”بيوس“ ۽ ”نياز“ ان دؤر جا ٻہ ڏاڍا وڏا شاعر آهن.

”سائين اوهان جي ”گل“ تي نظم تہ شڪارپور کي وڄائي وڌو آهي، اسان کي اهو نظم ٻڌائيندا؟“ نبوءَ حجم چيو:

”هڪ شرط تي.“

نواز علي نياز جواب ڏنو:”ڪالهہ مون کي گل هٿ ۾ هو جڏهن مون اهو نظم پڙهيو هو. اڄ اهو گل ڪونہ آهي.“ هن ڪوڙي حجم ڏانهن اشارو ڪري چيو:”جي اوهان اجازت ڏيو تہ مان هن گل جهڙي ڇوڪري جي زلف ۾ هٿ وجهي اوهان کي اهو نظم ٻڌايان ٿو. هونءَ تہ هُو منهنجي پٽ برابر آهي.“

نبي بخش حجم ڪوڙي کي چيو: ”گراهڪ جا وار ٺاهي، اچي نياز صاحب جي پير ۾ ويهہ.“

نياز صاحب ڪوڙي جي زلفن کي آڱر تي وٽي نظم پڙهيو.

”گل ۽ بلبل ۾ آ جهڳڙو تہ چمن ڪنهن جو آ.“

مون يڪدم نياز صاحب کي چيو تہ : ”سائين اها سٽ تہ مولانا حاليءَ جي هڪ مطلع تان ورتل آهي.“

”گل و بلبل میں ہے جھگڑا کہ چمن کس کا ہے
گل بتادے خزاں آکے وطن کس کا ہے.“

نياز صاحب منهنجي قد ڪاٺ کي ڏٺو. ان وقت منهنجي عمر تيرنهن سال هئي. هن پڇيو: ”تو هن عمر ۾ مولانا حالي پڙهيو آهي؟“

”ها، ڪنهن اردو رسالي ۾ هن جي ڪلام جو انتخاب پڙهيو اٿم.“

”چڱو ٻڌا! ٻهرين سٽ مون برابر مولانا حاليءَ واري مطلع تان ورتي

آهي، پر مسدس، مخمس جا بہ سؤ بند منهنجا آهن. پوءِ هن ڏيڍ ڪلاڪ ۾ پنهنجو نظم پڙهي پورو ڪيو. رڳو وچ ۾ ڪؤڙي جي زلفن کي ڪجهہ چڪ اچي رهي هئي تہ هن هلڪي رڙ تي ڪئي. نظم پورو ڪري هن موڪلايو. اسين بہ نبي بخش حجم جي سئلون مان ٻاهي نڪتاسين. ٻاهر ڏاڍو سيءُ هو ۽ هوا پاڪيءَ وانگر منهن تي چهہ ڏئي رهي هئي.

ڪتاب ۾ اڳتي لکيل پنا بہ آهن، منهنجي زندگيءَ جي ڪتاب وانگر. ان کان پوءِ وري هانديءَ بابت بہ لکيل آهي.

شڪارپور ۾ "هاندي" جو بنياد مهراج رانول داس وڌو جتي هوليءَ جي موقعي تي ٽي ڏينهن صبح شام وڏا وڏا هندستان ۽ پنجاب جا ڳوَئِيا، ڪٿڪ ۽ سازيندا ايندا هئا، جي پڪي راڳ جو مظاهرو ڪندا هئا. هڪ بہ مهينا اڳ ۾ ٽڪيٽون وڪرو ٿينديون هيون. ماٿهو سيٽون رزروَ ڪرائيندا هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ کان بہ ٽي سال اڳ مفت ۾ هاندو لڳندو هو. شڪارپور ۾ ڳوَئين کي وڏيون پگهارون ڏئي، هندو سيٺيون راڳ جي تعليم وٺندا هئا. سيٺ ڦيمتراءِ، ٻائي لال کان تعليم ورتي هئي ۽ ٻين ڪيترن ئي اهڙي تعليم ورتي هئي، جن کان شهر جا باشندا راڳ جي تعليم وٺندا هئا. حڪيم سريچند چيٺومل ڇاٻي وارو، مهراج نارد، ڪندن مل سونارو ۽ ٻيا چڱا ڳائيندڙ هئا.

شڪارپور ۾ ڳامڻ خان ۽ سينڌو خان وڏا ڳوئيا بہ رهندا هئا، جي مري بہ هتي ويا، جن کان هندن ۽ مسلمانن تعليم ورتي هئي. مسلمانن ۾ ارباب ماڇي، هادي بخش ميمڻ ۽ ٻيا ڳائيندا هئا. غلام حيدر ميمڻ هندستان ۽ پنجاب ۾ وڏين ناٽڪ ڪمپنين ۾ زنانو ڪردار ادا ڪندو هو ۽ ان وقت جو مشهور ائڪٽر هو.

حڪيم آغا غلام نبي صوفي شاعر ۽ ڊراما نويس هو. جنهن جو سچل سرمست جو ترتيب ڏنل رسالو مشهورآهي، تنهن شڪارپور ۾ "الهلال سوسائٽيءَ" جو بنياد وڌو ۽ سنا سنا ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيا. ڪيترائي شوقين ڪردار ڪڻندا هئا، جن ۾ مشهور ڪم ڪندڙ ڪجهہ هي هئا: آغا حق نواز خان پٺاڻ، غلام حسين جهلڻ، وڏيرو پيرل جوڻيو مرحوم حڪيم عبدالرحيم، مرحوم جان محمد عرف گلشن صوفي، جنهن پوءِ ڪيترين فلمن ۾ ڪم ڪيو. عبدالغفار سومرو بہ وقت جو مشهور ائڪٽر هو. (اهو

احوال مون کي لعل محمد لعل خط زريعي موڪليو هو جو مان پنهنجي نوٽ بُڪ تان اتاري ڇڏيو هو).

مان نوٽ بڪ رکي زرينا کي چوان ٿو مون پنهنجي والدين تي لکيو آهي، ڪجهہ تنهنجي والدين تي بہ لکڻ چاهيان ٿو ۽ ياد ڪجانءِ، اجان شاهي باغ ۽ بيگاري واهہ تي بہ لکڻو آهي. مون کي ويسر ٿي پئي آهي، توکان سواءِ مان هي ڪتاب جيڪر لکي نہ سگهان ها.

مان هاٽي ۾ هران چڪر ڏئي موٽي ٿو اچان. مان پاڻ ۾ پيهي دور ڏسان ٿو سخت بارش پئجي رهي هئي. اردوءَ جي مشهور افسانہ نويس، ناول نگار ۽ ٽي. وي اسڪرپٽ رائيٽر بانو قدسيہ مون سان گڏ ماسڪو ۾ هئي. اسان جو ٽيون ساٿي خاطر غزنوي هو جو پشاور جو شاعر هو هُن کي پيڪنگ هوٽل مان ڏيڍ دؤنس ڪري ايمبولينس ۾ ڪڻائي ويا هئا، چوتہ هن مليريا جي شڪايت ڪئي هئي، جتي خاطر غزنويءَ کي علاج لاءِ رکيو هئائون. اسان ٻنهي کي برساتون پيون هيون، پر خاطر اسپتال ۾ قيد هو اسان کي رڳو شيشي مان هن جو منهن ڏسڻ ڏنائون. جنهن تي بارش جون بوندون پئجي رهيون هيون.اسپتال ۾ اجا اهو طئہ نہ ڪيو ويو هو تہ خاطر کي ڪوئي وچرندڙ مرض آهي يا نہ. تيستائين هن سان ملاقات جي منع ٿيل هئي. بانو قدسيہ ۽ مان سيمينٽ جي ٺهيل چٽني هيٺان بيٺا هئاسين. بارش اوڙڪون ڪري وسي رهي هئي. اڌ ڪلاڪ گذري ويو تڏهن بہ اسان کي خاطر سان ملڻ نہ ڏنائون ۽ چيائون، اجا هن جون مختلف ٽيسٽون ڪرڻيون آهن.

اسان کي رات لينن گراڊ وڃڻو هو سو پيڪنگ هوٽل ۾ موٽي آياسون ۽ مختصر سامان کڻي ۽ باقي ڪلوڪ روم (Cloak Room) ۾ رکيوسون. يارهين وڳي اسان جو گائيڊ ۽ ٽرانسليٽر (مترجم) سرگي، ڪار سوڊا پهتا ۽ اسان کي ماسڪو ريلوي اسٽيشن تي وٺي آيا. ريلوي اسٽيشن تي ڪافي گهماگهمي هئي. اسان بئنچ تي ويهي رهياسون. پرسان هڪ خوبصورت جپسي ڇوڪري ماڻهن کان ڪجهہ پئسا وٺي، سندن هٿ ڏسي رهي هئي. هن کي پڇري ۾ هڪ ڇيهو هو جو اسٽرابيريءَ ۾ بدّل جهرڪيءَ وانگر پئي لڳو. مون بہ هن کي ڪجهہ ڪوپيڪ ڏنا ۽ هن کي هٿ ڏيکاريو. هٿ ڏسي هن پڇيو: "پنيان ڪوئي عشق ڇڏي آيو آهين، جنهن کي ياد ڪري رهيو آهين."

"هائو." مون کي ڪي چيروليون اکيون، ڪچنار جهڙا چپ ۽ اها رقص

آميز رفتار ياد آئي، جا مورٽيءَ ۾ هوندي آهي.

”هتي بہ تنهنجي مقدر ۾ عشق آهي، پر ڪجھ ڏينهن کان پوءِ جڏهن تون لينن گراڊ مان موٽي ايندين.“

مون سوچيو تہ ڏاڍو چڱو شاعريءَ جي وٺ وسامي نہ وڃي. ڏيئي ۾ لاٽ لاءِ ڪا جسماني ضرورت آهي، ان کان سواءِ زندگي ڪنهن وسيع بيابان وانگي لڳندي آهي. ان عورت کان سواءِ ٻيا بہ جيسي وينا هئا، جي هن جدلياتي ملڪ ۾ بي معنيٰ ٿي لڳا. اهي رولاڪ جڻ روپوش هئا، جن کي روپي منهن هيا. سرگيءَ کي پتو نہ هو تہ اهي ڪير هئا، ڪٿي رهندا هئا ۽ ڪٿان آيا هئا. انهن کي نہ ڪپڙي جون ٽوپيون، نہ ڪپڙي جا بوٽ هئا ۽ نہ ٻنھ سنا اوورڪوٽ هئن. انهن کي فقط مفلوڪ الحاليءَ جي باوجود ڪجھ بريف ڪيس هئا، جي روس ۾ عوامي انقلاب جي نشاني هئا. انهن کي گلي ۾ رنگين اسڪارف ٻڌل هئا.

ٽرين ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ هڪ گاڏيءَ ۾ بانو قدسيہ سُتي ۽ ٻئي گاڏي ۾ مان ۽ سرگي. هر گاڏي ۾ بسترو مگ، ٽوال، باٿ روم، اليڪٽرڪ شيور لاءِ سئچ، خوشبودار صابڻ ۽ هر شيءِ صاف ستري هئي. گاڏي ۾ فرش تي ۽ ڪاريڊار ۾ قالين وڇايل هئا.

6 آگسٽ 1967ع جي ڊائريءَ ۾ منهنجو نوٽ آهي تہ اڄ سرگي ننڊ مان ستين بجي اُٿيو مون کي ڇهين بجي جاڳ ٿي هئي. ننڊ مان جاڳائڻ لاءِ تمام منٺڙي ۽ پياري موسيقي هلي رهي هئي، مون دريءَ تان پردو پري ڪري ڇڏيو. ريل جي پٽيءَ جي ٻنهي پاسي برچ جا خوبصورت وڻ بيٺا هئا ۽ ڊاچا، گھر، کيت، گھاٽا جهنگل هئا. مان اسٽيورڊ کي ڪجھ ڪوپيڪ ڏئي چانھ آڻڻ لاءِ چيو. بسڪوٽ ريل ۾ ڪونہ هئا. ريل ”ڪوبہ نہ روڪي،“ ”ڪوبہ نہ روڪي،“ ”ويندس، ويندس.“ چئي وڃي رهي هئي.

مون سرگيءَ کان حال احوال ورتو تہ هن ٻڌايو تہ: ”مان پرٽيل آهيان، پر هاڻ زال کي طلاق ڏيندس. هوءَ ارڙهين سالن جي خوبصورت ڇوڪري آهي، پر فاحشہ آهي. پهرين تہ منهنجو هن سان عشق هو پر هاڻ الائجي ڇا ٿيو آهي.“

ازابيل نالي هڪ ڪروڙڊ عورت، بيورو آف رائيٽرس طرفان اسان کي لينن گراڊ اسٽيشن تي وٺڻ ڪار ۾ آئي. اسان کي لينن گراڊ هوٽل ۾، جو اجنبي مهمانن لاءِ مخصوص هو ٻن ڪمرن ۾ ترسايائين. اسان هوٽل ۾ نوين

وڳي پهتا هئاسون. ازابيل اسان کي هوٽل ۾ ڇڏي پاڻ هلي وئي.

ان وقت مشهور آمريڪين ايڪٽر اينٿوني ڪُئين (Anthony Quin) ڪنهن خوبصورت ڇوڪريءَ سان گڏ ڪار مان لهي هوٽل ۾ گهڙيو پئي تہ، خوشبوءِ هوا ۾ پکڙجي وئي. ڪيئن چئجي تہ اها خوشبوءِ ان ڇوڪريءَ جي جسم ۾ هئي يا هن سينٽ لڳائي هئي. ناشتو اسان ڊائيننگ روم ۾ ڪيو. اتي ناشتو ڪمري ۾ ڪنهن کي بہ نہ ڏيندا هئا. پوءِ پل تہ ملڪ جو سربراهہ ڇونہ هجي. هڪ روبل ۾ ماڻهوءَ کي جيڪي وڻي سو کائي، کاڌي ۾ پارج (Porridge) مربو مٺي ۽ ڪاري چيز(Cheese)، اوباريل آنا، ٿڌي گوشت جا ٽي نمونا، گرم گوشت جا بہ نمونا، آنا، بن، روٽي، اڇي ۽ ڪاري چانهہ، مختلف قسمن جي ڪافي ۽ سلاد ڏيندا هئا. سرگيءَ تہ ايترو کاڌو جڻ هن پورو مهينو بک ڪڍي هجي. هن ڇهہ اوباريل آنا کاڌا، ٽي چار پليٽون گوشت جون ۽ ٻي ڪا چيز کائي بہ ڪوپ چانهہ جا پيتائين. اسان ايترو ناشتو ڪيون ها تہ بيمار ٿي پئون ها. هو روستوف جو هو ۽ پهريون ڀيرو اسان سان گڏ لينن گراڊ آيو هو.

سرگي مون سان گڏ ساڳئي ڪمري ۾ هو ۽ ناشتو کائي اسان اڪ لائي ورتي. مون هوٽل مان نيپولين برانڊي ۽ ڪجهہ عطر جون شيشون ورتيون هيون، اٽڪل 12ڊالر لڳا ها. هتي لينن گراڊ ۾ ٽين وڳي رات ٿي ٿئي ۽ نائين وڳي صبح. 10 وڳي لينا آئي، جنهن انگريزي ڄاتي پئي، اسان ڏانهن مترجم (Translator)جي حيثيت ۾ موڪلي وئي هئي. هن ٻڌايو تہ لينن گراڊ ۾ چار سؤ نديون ۽ واهہ آهن. ستر پليون آهن. جڏهن ڪار ڪارنووسڪي پراسيڪٽ مان گذري تہ مون ڏٺو تہ اتي سنڌ ورڪي عاملن جي حيدرآباد ۾ جاين وانگر پٿر جون جايون ٺهيل هيون. ساڳئي پٿر ۾ اڪر، ساڳئي قسم جا ڪنهڙا وغيره هئا. لينا ٻڌايو تہ انقلاب کان اڳ اهي خانگي جايون هيون ۽ 1917ع ۾ اهي قومي ملڪيت ۾ ورتيون ويون هيون.

لينن گراڊ، ماسڪو کان مختلف هئي، هتي جديد بلڊنگون نہ هيون. اسان کي لينا، زار جو اهو محل، جيڪو پيٽر اعظم ٺهرايو هو ۽ جنهن کي هرمتاج (Winter Resort) ٿي چيائون، بہ ڏيکاريو. زار جو حڪم هو تہ هرمتاج کان ڊگهي ڪابہ جاءِ نہ جوڙي وڃي. لينا اسان کي اندر وٺي هلي ۽ ٻڌايائين تہ : "ان ۾ ٽي سؤ ملين شيون رکيل آهن. هاڻي اهو ميوزم آهي ۽ ان

ڪي پارڪوءَ وانگر ڏسڻ ۾ پارنهن سال لڳي ويندا. هاڻي اهو عوام لاءِ کليل آهي. هونءَ هرمتاج کان سواءِ لينن گراڊ ۾ ٻيا بہ پنجاهہ ميوزم آهن. لينن ميموريل ميوزم، آڪٽوبر انقلاب ميوزم، سينٽرل لينن ميوزم، ميوزم آف هسٽري، ميوزم آف هسٽري آف رليجنس ۽ (Museum of History of Religions and Atheism) وغيره.

هرمتاج نہ رڳو لينن گراڊ جو وڏي ۾ وڏو ميوزم هو پر اهو دنيا جي سيني ميوزمن کان وڏو آهي. ان ۾ جدا جدا ملڪن ۽ دؤرن جي ماڻهن جي مصوري، صنم سازيءَ جا شاهڪار، نقاشي، آثارقديمہ جا نوادرات، سڪا، تمغا ۽ مستعمل آرٽ (Applied Art)جا نمونا آهن.

لينن گراڊ آڪٽوبر انقلاب جو گهوارو آهي ۽ لينن جو شهر آهي، جنهن هڪ نئينءَ پارٽيءَ جو بنياد رکيو هو. انقلابي خلاصين ونٽر پيلس تي قبضو ڪيو هو جنهن لاءِ سمالني نالي جاءِ ۾ ساري ڪارروائي رٿي وئي هئي. لينن هن شهر ۾ آڪٽوبر 1917ع کان مارچ 1918ع تائين رهيو هو ۽ پرولتاري انقلاب جي رهنمائي ڪئي هئائين. جڏهن سپاهي محل ۾ پهتا تہ خلاصي اڳي ئي اتي ڳجهيءَ موريءَ (Sewer) مان پهچي چڪا هئا. ان ڪري انقلاب دشمن چوندا هئا تہ انقلاب گٽر مان آيو هو.

اسان ٻيهريءَ جي ماني کائي، هوٽل جي نيوا نديءَ واري در کان هرمتاج وياسون. نيوا تي اورورا ڪروز پاڻيءَ جو جهاز بيٺو هو. جنهن ۾ ڏهہ ڏينهن انقلابي ڪنا ٿيا هئا، جنهن جو جان ريڊ مشهور ڪتاب "دنيا کي جهنجهوڙيندڙ ڏهہ ڏينهن"(Ten days that shook the world)۾ ذڪر ڪيو آهي. اسان ٻهريون پيرو هرمتاج جي انهن ڪمرن ۾ وياسون، جتي روم ۽ يونان جا بت رکيل هئا. روم ۽ يونان جو يورپ جي ثقافت جو سرچشمو آهي. سرگي هڪ بت تي ڪتبو پڙهي چيو:" يہ رومن سمراٽ هي." اسان ان ڪري سرگيءَ کي سرگي داس ڪوٺيندا هئاسون، جو هو هندستان ۾ رهي آيو هو ۽ اتي هندستانيءَ جا ڪافي لفظ سکيا هئائين. پروگرام کي ڪاريہ ڪرم تي چيائين. هن ٻڌايو تہ هندستان ۾ هر نانگ کي "شانيپ" پئي چيائون. هن ان جي هر قسم جو الڳ الڳ نالو نہ ٻڌو هو. ٻئي بت هيٺان لکيل لفظ پڙهي چيائين تہ هي يونان جو گرو آهي (God of wine dioyinysus).ان بت کي هٿ ۾ انگور جو ڇڳو ۽ ٻئي هٿ ۾ پيالو هو. ڊايوني

سس جو هڪ پيو بت بہ هو جنهن ۾ هن کي هڪ هٿ ۾ پيالو هو ۽ هن جو پيو هٿ هڪ خوبصورت عورت جي چيلهہ ۾ پيل هو. مون سوچيو تہ مان ڊايوني سس جو پنر جنم آهيان. هيءَ زندگي رابيل جي گل تي ماڪ جي ڦڙي وانگر آهي، اڏامندي ويرم ڪانہ ڪندي، بهتر آهي تہ ان کي ڊايوني سس وانگر ماڻي وٺجي. ڊايوني سس جو ذڪر مون نہ رڳو يوناني ڏند ڪٿائن، پر غالباً ڊي ايچ لارنس جي ناول ۾ بہ ڪٿي پڙهيو آهي. هن جو فلسفو هو تہ، ”جيڪي بہ هتي آهي، هاڻي آهي، ماڻي وٺ!“ ”تري تائين پيءُ تہ تون مون کي ماڻئين.“ جي موت هڪ وهم آهي ۽ زندگيءَ کي بقا آهي، تڏهن بہ زندگي ساڳي رنگ روپ، ساڳئي فڪر ۽ احساس جي گهرائيءَ سان نہ ملڻي آهي. هنس وانگر موتي چڳي وٺ، سَرُ ڪهڙي وقت بہ سڪي وڃي! ائين برابر آهي تہ هنس ڪان ڪونج جي اُتاهين اڏار بهتر آهي، جيڪا آسمان مان تارا چڳندي آهي. يوناني فلسفي ايپي ڪيورس چوندو هو تہ: ”عيش جا طريقا ساڳيا نہ آهن.“ خنزير جي شڪار ۽ شاعريءَ ۾ ساڳيو لطف نہ آهي.“ سون جي زيورن واري ڪمري تي سپاهي بيٺا هئا. خوبصورت واز (Vase)رکيل هئا. چٽين ۾ سونا شاندار ليئر (جهار) هئا. ليونارڊو ڊاونچيءَ جي ميڊونا (Medona)،ان دور جا هٿيار لوهي توپ، وال پليٽون، (پٽ ـ ٿسريون) جڳ، اڇي ۽ ڪاري سنگ مرمر جا بت، سونا پيالا، صندوقون، طباخ، چٽين تي عمده نقش، سونا ڏول ۽ گنديون، چينيءَ، سون، ٽامي، ڪانيءَ ۽ پٿر جا نوادرات، زرهون، صليب، سون جون صراحيون، آرسيون، سينگاردان (Icon)، مورتيون، ڪرسيون، صوفا، مُنڊيون، ٽانوَ مهرون، سڪا، ٻلا، تخت تاج، گلدان، شمع دان، فانوس، سنگ مرمرجا تلاءَ، مجسما ئي مجسما، مصر جا، روم جا، يونان جا، روس جا، تصويرون ئي تصويرون هيون. اسان هڪ ڪمري ۾ ممي (Mummy) بہ ڏٺي ۽ سوچيو تہ هيءَ ممي، لينن جي مميءَ کان وڌيڪ پائيدار آهي، پر ٻنهي ۾ فرق ڪهڙو آهي. آهن تہ ٻئي سڪل ماس جا لوٿڙا. لينا ٻڌايو تہ هيءَ اها جاءِ آهي، جتي انقلابين خونريزي ڪئي هئي ۽ اتي رت جا سڪل دٻا پيا هئا. مان بخار مان اٿيو هوس، ان ڪري ڪجهہ ڪمرا گهمي موٽياسون. مان هرمتاج مان موٽندي سوچي رهيو هوس تہ روس جي زارن ڪهڙي ڪهڙي ملڪ جي ڦرلٽ ڪئي هئي ۽ ڪربين ڊالرن جون شيون ڪميونسٽن پاڻ وٽ محفوظ رکيون هيون ۽ انهن

ملڪن کي موٽائي نہ ڏنيون هيون، جن جي اهي ملڪيت هيون.

حوري نوراني؟ مون کي هرمتاج تي هڪ ضخيم ڪتاب انگريزيءَ ۾ ڏنو هو جنهن ۾ ڪربين ڊالرن جي جرمني ۽ رومانيا جي تصويرن جا فوٽا هئا. مان ڀانيان ٿو تہ ايتريون تصويرون هٽلر جو ڪلچر منسٽر هرمن گوئرنگ بہ ٻي جنگ عظيم ۾ يورپ مان ڦرلٽ ڪري ڪٺيون نہ ڪري سگهيو هو. نيٺ جيئن برطانيا جي ميوزم ۾ ڦرلٽ جو مال اجا تائين آهي ۽ اجا هند ۽ پاڪ کي ڪوهنور ۽ تخت طائوس بہ نہ موٽايو اٿائون. اشتراڪي سامراجيءَ ۾ زر ۽ دولت جو هوس ساڳيو هو جهڙو سرمائيدار سامراجيءَ ۾! ٻاهر نڪتاسين تہ سامهون نيوا نديءَ تي سج پوپٽ نهڙڪو ڏئي، راسپوٽين جي زخم آلود سر وانگر ٻڏي ويو ۽ پنيان رتائون پاڻي ڇڏي ويو.

اسان ٿڪ پٽڻ لاءِ ٿوري دير ۾ هڪ پارڪ ۾ ويٺاسون. جتي سوين ڪبوتر ۽ جهرڪيون ماڻهن جي پيرن ۾ ويٺيون هيون ۽ انهن کان نہ ٿي ڊنيون. جڻ اُهي بہ ماڻهن جي اجتماعيت جو حصو هيون. پوڙهيون زالون انهن کي چُوڻو وجهي رهيون هيون. پر ماڻهو ڪي.جي.بيءَ کان عزرائيل وانگر ٿي ڊنا. پارڪ ۾ بانو قدسيہ مون کي چيو:"مون هڪ سنڌ ۾ سهڻيون عورتون ڏٺيون هيون، ٻيون هتي روس ۾." اتان اٿي اسان سينٽ نڪولس جي چرچ ڏانهن وياسين. سرگيءَ پنهنجي هندستانيءَ ۾ چيو:"چرچ ڪتني سندر هئہ." دراصل روس ۾ اسان کي هندستان يا بنگلاديشي سمجهندا ها. پر جڏهن اسان هنن کي چوندا هئاسون تہ: "اسان پاڪستان مان ٿا اچون تہ هو چوندا هئا, "دا, دا, دا, علي ڀٽو علي ڀٽو."

"هائو هائو هائو علي ڀٽو علي ڀٽو." اسان کي ڪوئي ثقافتي تشخص نہ آهي ۽ جتي بہ وڃون ٿا تہ هندوستاني سمجهيا وڃون ٿا.

چرچ ۾ سنگ مرمر جا حضرت عيسيٰ ۽ بيبي مريم جا بت ۽ شمع دان، صليبون، در، دريون، قبائون، ڪرست جون مورتيون، سيئي ڪنهن ٽامي جهڙي ڌاتوءَ مان ٺهيل هيون، جن تي سونو پاڻي چڙهيل هو. چرچ ۾ سؤ کن ماڻهو موجود هئا، جن ۾ اڪثر پيرسن هئا ۽ ڪجهہ جوان بہ هئا. سيئي پاڻ کي واري ڪراس ڪري رهيا هئا ۽ انهن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا ۽ پادري وعظ ڪري رهيو هو. مون کي الائجي ڇو من ۾ آيو تہ هتي ڪنهن وقت عيسائيت ايري ايندي. صليب تي عيسيٰ جي تصوير هڪ فالج زدهہ ۽

شيشي جي قبر ۾ پوريل لينن ڪان وڌيڪ اتساهہ ڏيندڙ آهي. عيسيٰ کي خدا ابدي زندگي عطا ڪئي هئي، اهڙو وقت ايندو جو لينن کي ڪريملن واري قبر مان ڪڍي ڦٽو ڪندا. جيئن اسٽالن کي ڪڍي ڦٽو ڪيو هئائون ۽ اڄ هو عام ماڻهوءَ وانگر هيٺ هو. قبر شيشي جي هجي يا مٽيءَ جي، آخر قبر ئي تہ آهي!

رات جو مانيءَ جي ڪمري ۾، هوٽل جي مٿينءَ ماڙ تي وياسين. روسي ويٽر دلڪش بو (Bow) ٻڌي، صاف سٿرا، ديده زيب ڪپڙا پائي ٽڌو ۽ مٺو ڳالهائي رهيا هئا. بورجوا ملڪن وانگر اسٽيج تي پاپ ميوزڪ هلي رهي هئي. ٽي سؤ کن مهمان ميزن تي ويٺا هئا. روسي، فِن، پول، مشرقي جرمنيءَ، ايشيائي روس، آفريڪا ۽ ٻين ملڪن جا ڪافي ماڻهو دعوت تي آيل ها. مون هڪ وهيءَ ڪان موٽيل آمريڪي ڏٺو جيڪو هڪ سنهيءَ ڳيرو روسي ڇوڪريءَ سان ٻي رهيو هو ۽ نچي نچي هن کي چڪي چاتيءَ سان تي لاتائين ۽ هن ڪان گهري چمي تي ورتائين. ڇوڪري ائين تي لڳي جڻ هو هن جو سارو ساهہ چڪجي هن جي چپن تي آيو هو ۽ جڻ هن کي غش تي آيو.

سامهون ميز تي هڪ آرمينين جوڙو ويٺو هو. مون سرگيءَ کي چيو تہ: ”هو آرمينين ڇوڪريءَ کي ناچ لاءِ چوي“ چيائين تہ: ”تون چو نہ ٿو چئين.“ مون چيو: ”مون کي مغربي ناچ نہ ايندو آهي.“ سرگيءَ مون ڪان هڪ ڊالر اڌارو وٺي ايڪسپورٽ ڪئالٽي واڊڪا گهرائي. واڊڪا پي مون کي چيائين: ”هڪ ڊالر ٻيو بہ ڏي تہ مان فارين سگريٽ گهرايان.“ سگريٽ آيا تہ هن آمريڪن سگريٽ ڊنهل جو ڪش هڻي چيو: ”هيءَ دنيا ڪيتري نہ خوبصورت آهي!“ ائين چئي هو اُٿيو ۽ آرمينين ڇوڪريءَ کي رقص لاءِ چيائين. جا نهايت خوبصورت هئي، جڻ سنگ مرمر مان ٺهيل هئي. رقص ڪندي سرگي ۽ هن جا بدن هڪٻئي کي زور سان ڇُهي رهيا هئا. جيئن طوفان ۾ بہ گل لالہ هڪ ٻئي کي زور سان ڇُهن. ناچ ڪندي ڇوڪريءَ کي پٺ جي اوٽ ۾ اسان جي نظر ڪان پري وٺي ويو ۽ جڏهن موٽيو تہ ڇوڪريءَ جي ٻانهن پنهنجي ٻانهن ۾ وڌائين. جا شاندليئر جي روشنيءَ ۾ ائين ٿي لڳي جيئن ڪوٺاريءَ ۾ سون رڃي ويندو آهي. بانو قدسيہ ٿورو ڪائي چيو تہ: ”مون کي ننڊ ٿي اچي، مان پنهنجي ڪمري ۾ ٿي وڃان.“ مان ۽ سرگي ٻارهين وڳي تائين ويٺا رهياسون. هن مون ڪان هڪ ڊالر ٽيون بہ اڌارو ورتو ۽

ايڪسپورٽ ڪئالٽي بيئر جون ٽي بوتلون گهرايائين. چيائين: ”هي بيئر اسان کي فقط ڊالرن ۾ ملندو آهي. اسان وٽ روبل آهن. پر ڊالر لاءِ اسان سڪندا آهيون. ڇو جو اسان کي ايڪسپورٽ ڪئالٽيءَ جون شيون فقط ڊالرن ۾ ملنديون آهن. اسان وٽ ڊالر نہ آهن. پر مان توکي ٽن ڊالرن جي عيوض نوَ روبل ماسڪو ۾ هلي ڏيندس. جو انهن جو ريٽ بليڪ مارڪيٽ ۾ اهو آهي. ڊالر روبل جو ترو ڪيڏي وجهندو. اسان کي اهو گهٽو پوءِ افغانستان جي جنگ مهل پتو پيو. لينن گراڊ ۾ بہ وڃي رات تائين ڏينهن هو ۽ مون کي ڪالهوڪيون ڳالهيون هڪ سئربين وانگر نظر اچي رهيون هيون.

ٻئي ڏينهن تي لينا آئي. مون هن کي نئپولين برانڊي، آمريڪن سگريٽ ۽ ڪجهہ سنئڪس (Snacks) آڇيون. جيڪي هوءَ برانڊيءَ جا پيگ پي ڪائي وئي. غالباً هن ناشتو نہ ڪيو هو. ڪچهري ڪندي هن ٻڌايو تہ: ”هي شهر پيٽراعظم 1703ع ۾ ٺهرايو هو. هن ماسڪو مان گاديءَ جو هنڌ ڦيرائي پيٽرس برگ ۾ ڪيو هو جنهن جو نئون نالو هاڻ لينن گراڊ آهي.“

هن وڌيڪ ٻڌايو تہ پشڪن پنهنجي نظم ”ڪُٽَ جو گهوڙيسوار“ (Bronze Horseman) ۾ لکيو هو تہ:

”تقدير اسان جو قيام هتي لکيو آهي،
جيئن يورپ ڏانهن اسان دري ٺاهي سگهون.“
جڏهن پيٽرس برگ ٺهي راس ٿي هئي تہ پشڪن ٻئي نظم ۾ چيو هو:
”نئين گادي جي اڳيان
قديم ماسڪو جو منهن پيلو ٿي ويو آهي
جيئن ارغوني لباس پهريل بيوهہ جو منهن
هڪ ڪنواريءَ راڻيءَ اڳيان لهي وڃي.“

تشبيهہ مون کي ٺڪي لڳي. پر چوندا آهن تہ پشڪن کي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ناممڪن آهي.

1812ع ۾ نيپولين جي شڪست، روسي فوج جي پئرس ڏانهن فاتحانہ يلغار هڪ حب الوطنيءَ جي بي مثال لهر ڊوڙائي ڇڏي هئي. پئرس جي فتح روس جي بين الاقوامي عظمت وڌائي ڇڏي هئي. ان دؤر ۾ اوچو ڪلاسيڪي آرٽ تخليق ڪيو ويو هو جنهن جي پائي جو آرٽ يورپ ۾ ڪٿي نہ آهي.

لينن گراڊ ۾ اچي هرمتاج ۾ نہ وڃڻ گناهہ جي برابر آهي. دنيا ۾ اتان جهڙا ميوزم تمام ٿورن ملڪن ۾ آهن. لوور (Louver) پئرس ۾، برٽش ميوزم لنڊن ۾ ۽ نيويارڪ ۾ ميٽرو پوليٽن ميوزم آف آرٽ (Metropoliton Musium of Art) شايد هُن جو مقابلو ڪري سگهي. ان ۾ چار سؤ نمائش جا ڪمرا آهن ۽ هر سال ان ۾ ٽيهارو لک ماڻهو ايندا آهن.

لينا ڏهہ سال اسڪول ۾ ۽ ڇهہ سال لينن گراڊ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ورتي، لسانيات (Linguistic and Philology) ۾ ڊگري ورتي هئي. هوءَ انگريزي نهايت فصاحت سان ڳالهائي رهي هئي. انگريزيءَ سان گڏ جرمن ۽ لاٽن بہ ڄاڻندي هئي. هن مون کي ٻڌايو تہ: "هن وقت چاليهہ سيڪڙو سرڪاري نوڪريون عورتن کي هيون ۽ ايندڙ ڏهن سالن ۾ مرد نوڪرين ۾ اقليت ۾ ٿي ويندا."

پوءِ هن مون کي روس ۾ بازنطيني ۽ روسي ثقافت جي باري ۾ ٻڌايو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ 15 صديءَ ۾ منگولن ڪيئن روس کي تباهہ ڪيو هو. 15 صديءَ ۾ ڪيٿرين اعظم (Catherine the Great) تاتارين کي شڪست ڏني، ڪريميا آزاد ڪرائي هئي. اها روس جو حصو ٿي وئي. ڪيٿرين جرمنيءَ ۾ ڄائي هئي. فرينچ ڳالهائيندي هئي. ڪيٿرين کي پيٽر وانگر 'اعظم' جو لقب هو جيڪو روس ۾ ڪنهن ٻئي کي جيئري يا مئي نہ مليو هو. ڪيٿرين فرينچ دانشور والٽيئر سان خط وڪتاب ڪندي هئي، والٽيئر جي مطالعي، هن جا سياسي نظريا بلڪل بدلائي ڇڏيا هئا. والٽيئر جي آزادي پسندي، هن جي حاڪميت پسنديءَ سان متضاد هئي، ڇوتہ هن جي سياسي پس منظر ۾ غلامي (Serfdom) اچا هئي. جنهن هن جي خيالات کي چون چون جو مربو ڪري ڇڏيو هو. پر اهو ڏنو ويو تہ حرص ۽ هوس جي جاءِ تي صنعتي ترقي اُڀري رهي هئي. تاريخ نويس ڪليوچي وسڪي (Kliuchevisky) هن جي باري ۾ صحيح چيو آهي: "ائرسٽوڪريسيَ هن کي قابل محبت سمجهيو ۽ هن آفيسراڻي شان وشوڪت کي قابل نفرت سمجهو. هوءَ هڪ ٻهراڙيءَ جي سفر تي وئي ۽ اتان جي رهاڪن ڳوٺ کي ڪنوار وانگر سينگاريو ۽ هر ڳوٺ ۾ اهڙا منظر نظر آيس، جن تي هوءَ ڪاوڙي اي ڪاش! اسان جا سياستدان ان مان ڪجهہ سمجهي سگهن.

پوءِ پيٽر اعظم جي فتوحات جي باري ۾ ٻڌايائين. سادي يارهين وڳي

بانو قدسيہ تيار ٿي نڪتي ۽ اسان گڏجي نيوا ندي تان پترا پئليس (Peter Palace) ڏانهن وياسون. رستي تي لينا مون کي ٻڌايو تہ هتي هڪ ڪئفي آهي، جنهن جو نالو "رولو ڪتي جو ادبي ڪئفي" (Stray Dog Literary Café) آهي، ان ۾ شاعر بلاڪ (Poet Blok)، مايوڪووسڪي، مينڊالسٽام (Mandelstam) ۽ پاسترناڪ (Pasternak)، ساڳئي ڪمري ۾ نظر ايندا هئا. جيتوٽيڪ هو جدا جدا ميزن تي ويهندا هئا ۽ جتي جڳ مشهور مصور شاگال (Chagall) جو اڃا ايترو مشهور مصور نہ ٿيو هو، اهو بہ ايندو هو. مون اهي سڀ شاعر پڙهيا هئا ۽ شاگال جون ڪجهہ تصويرون بہ ڪتابن ۾ ڏٺيون هيون، جي هن اٿليءَ ۾ ڇاهيون هيون. مون آندري بيليءَ جو ناول "سينٽ پيٽرس برگ" ڪيئي سال اڳ پڙهيو هو جنهن جهڙو درد انگيز ناول مون اڃا نہ پڙهيو آهي. دراصل انقلاب جي شروعات ٿي هئي ائرسٽوڪريٽس (Aristocrats) جي بورجوا انقلابي حلقي ۾، جي ڊسيمبرسٽ (Decemberist) سڏبا هئا. هو شيمپئن جا ڍڪ پي رهيا ها ۽ فرينچ انقلاب آٽڻ جهڙا خواب پئي لڏائون. مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ جتي آڪٽوبر انقلاب آيو اتي ئي 1930ع ۾ لينن گراڊ جا هزارين رهواسي گرفتار ڪيا ويا هئا ۽ تهس نهس ڪيا ويا هئا. اتي فاشسٽن ماٺهن کي ايتري تہ بک ڏني هئي، جو هنن سوٽن ۽ پٽن ۽ پراڻي چمڙي يا بوٽن جي چمڙي مان سُوپ ٺاهي پيتو هو. مون لينن گراڊ جا نوَ سؤ ڏينهن، نازي گهيراءُ جي باري ۾ ڪتاب پڙهيو هو ۽ انسان جي بي مثال اذيت پرستي ۽ هن جي درندگي ڏسي حيرت آئي هئي.

ان کان اڳ ۾ 1917ع ۾ جڏهن آڪٽوبر انقلاب آيو هو، تڏهن جيسين بالشويڪ اسيمبليءَ تي قبضو ڪن تہ هنن ڏٺو تہ اوروا ڪروز جا ڪجهہ خلاصي، ڪنهي پاٽيءَ جي ڪسيءَ ذريعي، هنن کان اڳ ان محل ۾ پهچي ويا هئا. ان ڪري ڪنهن لکيو هو تہ انقلاب گٽر مان آيو هو. روسي بورجوازي سڀ هڪ جهڙا نہ هئا. ڪجهہ واپاري آرٽ جا سرپرست هئا ۽ روس جي مايہ ناز آرٽسٽن کي امداد ڏيندا هئا. هنن ڪيئي وان گوگ، گوگين، مئتسي ۽ پڪاسو جون تصويرون خريد ڪيون هيون ۽ لڪ چوريءَ بالشويڪن جي مدد ڪئي هئائون. جيئن پاڪستان ۾ ميان افتخار الدين وارا ڪندا هئا. پوءِ اسان فنلئنڊ جي ڪاريءَ ڏانهن ويندڙ موٽر بوٽ تي چڙهياسون. هوا

ڪافي ٿڌي پئي لڳي، بانو قدسيہ ۽ سرگي اينيمر جي ڇت تي چڙهي ويا ۽ اڌ ڪلاڪ کن ڪان پوءِ مان ۽ لينا وڃي اسٽيمر جي ڪائونٽر تي ويٺاسون ۽ روسي شيمپئن ۽ ڪئويئر (Cavier) مڇيءَ جو آرڊر ڏنوسون. اسان ٻہ ٻہ بوتلون ٿڌي شيمپئن جون پيتيونسين. پوءِ اسين جهاز جي ڊيڪ تي پاسي ۾ ٻن ڪرسين تي ويٺاسون. جيئن نيوا نديءَ جو ان وقت نظارو ڏسي سگهون، جڏهن اتي سج جي جهانجهرڇمڪي رهي هئي ۽ جڏهن موٽر بوٽ کي لوڏا اچي رهيا هئا، تڏهن تي پيرا لينا اچي منهنجي هنج ۾ ڪِري. مون جڏهن ڪيس اٿاريو تہ هن چيو: ”تون مون ڪان ڇمي ڇو نہ ٿو وَٺين.“ پوءِ هن ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي، چپ مون ڏانهن آندا، پوءِ شيمپين کي ڳيت ڏئي پي وئي ۽ منهنجي هٿ کي شفتالوءَ جو ڇهاءُ محسوس ٿيو ۽ مون ڏٺو تہ شيمپئن جي اثر هيٺ ٿڌي هوا ۾ لينا جو سفيد چهرو چليل ليچيءَ وانگر گلابي ٿي لڳو.

ٻن ڪلاڪن ڪان پوءِ اسان پترا پئليس پهتاسون. پهرين نظر تہ منهنجي آدم ۽ حوا جي بتن تي پئي، جيڪي جدا جدا فوهارن وٽ ڪتل هئا. مون سوچيو تہ هنن کي الڳ ڇو ڪيو اٿائون. پاٽي ڏاڍو ٿڌو آهي، هنن کي ٿڌ لڳندي هوندي، اتان ٿري زار جي محل ڏانهن وياسون. محل جي چوٽيءَ تي ٻہ ـــ مٿو باز ڪتل هو ۽ ان جي مٿان سونو تاج هو. لينا جو مڙس صنم ساز هو. مون لينا ڪان پڇيو تہ: ”ڪير وڌيڪ پائدار آهي. پٿر يا ٻولي؟“ هوءَ کلي ويٺي ۽ چيائين: ”هٽلر بمباري ڪرائي تہ پئليس جا ڪيئي مجسما پيچي پوري چڏيا هئائين، جي اسان وري نهرائي اڳي جيئن بيهاريا آهن. پر هو پشڪن جي شاعريءَ تي بمباري ڪري نہ سگهيو هو.“

مون هن ڪان خلصتي فرقي ۽ راسپوٽين جي باري ۾ پڇيو ۽ اهو بہ پڇيو تہ ڇا جڏهن زارينا جي پٽ کي هيموفليا (هن بيماريءَ ۾ بدن ۾ ڪٽ بہ ڇهڪ اچي وڃي تہ رت نہ بيهندو آهي.) تي پئي هئي ۽ جڏهن سڀ ماهر ڊاڪٽر هن جو رت بند ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا هئا، تڏهن راسپوٽين هن کي ٻانهن ڪان وٺي، وڏيءَ تپيءَ ۾ اچي ويو هو ۽ دعا گهري هئائين تہ زارينا جي پٽ جو رت وهڻ بند ٿي ويو هو.“ ان تي لينا چيو: ”ان موضوع تي يو. ايس. ايس. آر ۾ ڪوئي ڪتاب ناهي.“ مون لينا کي ٻڌايو: ”انگريزيءَ ۾ راسپوٽين تي سَو ڪان وڌيڪ ڪتاب لکيل آهن، جن مان چار تہ مون بہ پڙهيا آهن. موٽندي ڪائونٽ يوسوپوف جي محل ڏانهن هلنداسون، جتي هن کي ايتري

سائنائيڊ (زهر) پياري هئائون. جيڪا جيڪڏهن لينن گراڊ جي پاڻيءَ ۾ ملائي وجي ها تہ سڄو شهر زهر وگهي مري وڃي ها ۽ پوءِ جڏهن هو اها پچائي ويو تہ هن کي گوليون هنيون هئائون. اچا هن ۾ ساهہ هو تہ هن جو لاش گهلي نيوا نديءَ ۾ ڦٽو ڪيو هئائون. لينا چيو: ”مون ڪائونٽ يوسوپوف جو محل تہ نہ ڏٺو آهي. موٽي هلي رائيٽرس جي فارين بيورو کان پڇنداسون. جي اهڙو ڪوئي محل آهي تہ توکي ضرور ڏيکاريندس.“

جڏهن ڦوهارن وٽان لنگهياسون تہ رستي تي پاپلر جي وڻن جون قطارون هيون. مون کي ياد آيو تہ جڏهن مان مياڻيءَ جي پيلي ۾ هن خوبصورت عورتن سان گهمي رهيو هوس، تڏهن مون ڪيئي پاپلر جا وڻ ڏٺا هئا. انهن مان وڏيءَ ساهيڙيءَ چيو تہ: ”هنن وڻن ۾ تنهنجا هم ذات پلجندا آهن.“

”ڇا مطلب؟“

”پٽ ڪينئان (Silk Worms)، پاپلر جي پنن تي گذارو ڪندا آهن.“ لينن گراڊ ۾ ائبٽ آباد ۽ بالا ڪوٽ کان ديودار ننڍا ٿيندا آهن. پر اهي ديودار ٻوڏي پگوڊا وانگر خوبصورت ٿا لڳن. ديودار کي هتي ايلڪ ٿي چيو ويو. ٻين وڻن جا نالا لينا ۽ سرگيءَ کي بہ نہ ٿي آيا. رستي تي لينا ٻڌايو تہ هوءَ لينن گراڊ کان 3 ڪلوميٽر پري ڊاچا (Dacha) (ننڍي گهر) ۾ رهندي هئي. روس ۾ سڀ زمين سرڪاري آهي. ڪوئي پنهنجو گهر وڪڻڻ چاهي، تڏهن بہ وڪڻي نٿو سگهي. ڇڱي ڊاچا ٺهرائڻ تي 10.8 هزار روبل لڳن ٿا ۽ هوءَ زمين جو ساليانو ڪرايو 8 روبل ڏيندي آهي. هن کي هڪ ننڍو پٽ آهي، جنهن لاءِ هوءَ هڪ آيا (Baby Sitter) کي پنجاهہ روبل ماهوار ڏيندي آهي. اِها پگهار آهي تہ گهٽي، پر هوءَ خوش نصيب آهي، جو هتي آيا ملڻ مشڪل آهي. هڪ رٽائر ٿيل پوڙهي پورهيت هن وٽ ڪم ڪندي آهي. جن عورتن وٽ ايترو پئسو نہ آهي، جو هو آيا رکي سگهن تہ هو ٻار ٻارڙن جي اسڪول (Kinder Garten) ۾ ڇڏي پورهئي تي وينديون آهن. جتي هنن جي نظرداري ۾ پالنا ڪئي ويندي آهي. ڇا نہ خوبصورت نظام هو جو آمريڪا، روس کي افغانستان جي جنگ ۾ وچڙائي، درهم برهم ڪري ڇڏيو! ڪميونزم ڇو ناڪام ٿي، ان جو تجزيو مان پوءِ ڪندس.

لينن گراڊ جي گهيراءَ Siege of Lenin Grad ۾ ٻارنهن لک ماڻهو مئا هئا. ڪيڏو نہ سنو هو هي ديس، جنهن جا گورباچوف جي ڪتاب

”پرسٽرائيڪا“ لاھہ ڪيڏي چڙيا.

اسان شام جو موٽياسين. سج جا سونهري ڪرڻا، پاڻيءَ تي ائين پئجي رهيا هئا، جيئن سراڻ تي چاقو تکي ڪرڻ وقت چٽنگون نڪرنديون آهن. ان ڏينهن مون ۽ لينا هوٽل ۾ ماني گڏجي کاڌي ۽ اڇو شراب پيئندا رهياسون. تہ ڏينهن ۾ منهنجو ڪاڏو پيتو واقعي ڊايوني سس وانگر هو. ٻئي ڏينهن تي اسان اها جاءِ ڏٺي، جنهن ۾ لينن روپوش رهيو هو. شاعرائنااختموفا جا ٿاڪ بہ ڏٺا ۽ اورورا جنگي جهاز. فيوڊور دوستو وسڪي ۽ پشڪن جا گهر بہ ڏٺا، جي ميوزمن ۾ بدلايا ويا آهن. ڪائونٽ يوسوپوف جو محل، جتي راسپوٽين کي سائنائيڊ پياري هئائون ۽ گوليون هنيون هئائون ۽ واھہ جي پرسان اها لئمپ پوسٽ ڏٺي، جتي هن ٽپو ڏئي هٿ کوڙيا هئا ۽ پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين. افسانہ نگار ائنٽن چيخوف (Anton Chekhov) جو گهر، گورڪي پارڪ، ڪارل مارڪس پراسپيڪٽ، مئڪسم گورڪي پراسپيڪٽ، ريپن انسٽيٽيوٽ آف پينٽنگ اسڪلپچر ائنڊ آرڪيٽيڪچر Repin Institute of Painting and Sculpture and Architecture، موسيقيءَ واري طربيہ جو مرڪز (The Centre of Musical Comedy)، شاعر آسپ مينڊا السٽام جا ٿاڪ، نيپولين جي جنگ واري آرٽ گئلري، جتي اِئين پئي لڳو تہ اسان ميدان جنگ ۾ بيٺا آهيون، وغيره ڏٺاسين. حيرت آهي تہ ان ساري چڪر ۾ اسان کي ٽراٽسڪيءَ جو نالو نشان بہ نظر نہ آيو. ٽراٽسڪي روس جو عظيم دانشور هو جنهن جي انقلاب جي تاريخ پڙهي ۽ ان ۾ هن جي ڪردار نگاري ڏسي، مان ونجي ويو هوس. هو سرخ فوج جو ڪمانڊر ان چيف هو لينن جو خاص دوست ۽ عظيم مقرر هو. انهن ڳالهين جو مان ٻئي وقت ذڪر ڪندس.

فرار جي ڪا حد ٿيندي آهي! زرينا ڇا چوندي هوندي! سنڌ واھہ جي ڪناري تي پهچندو هوس تہ ٽبي ڏئي، ساهي منجهائي، موٽي ايندو هوس، ائين مان موٽي آيو آهيان ۽ زرينا سان وري گفتگو جاري آهي.

جيتري قدر مون کي ياد آهي، زرينا جو والد بزرگوار ميرپورخاص، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد، سکر، دادو ۽ حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو هو. ان زماني ۾ گهڻو ڪري ڪليڪٽر انگريز هوندا هئا. مان زرينا کي بہ ٻاهر چڪر ڏياري ٿو اچان.

جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، تڏهن منهنجي مرحوم دوست شمس الدين جو نياٽو نورمحمد شاهہ ميرپورخاص ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو. هن مون کي ڪنهن دعوت ۾ صدارت لاءِ ڪوٺ ڏني هئي. زرينا کي اهو ياد هو تہ هوءَ نورمحمد شاهہ جي بنگلي ۾ رهي هئي. هن جي بنگلي جي اڱڻ ۾ ٽي چار مور ٺهوڪا ڪندا هئا. ائين لڳندو هو تہ مور بادلن کي سڏي رهيا آهن، پر بادل ڪن لاتار ڪندا ويندا رهندا هئا. "هڪ طرفي عشق جو اهوئي نتيجو ٿيندو آهي." هن مون کي شڪايت ڀريل نگاهن سان ڏسي چيو "جيئن بادل مور جي سڏ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري رمندا رهندا آهن، تون بہ مون کي ائين ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري رمندو آهين، پر مان توسان ٻانهن ۾ ٻڌل تعويذ جيان ٻڌل رهي آهيان." مون ندامت جي احساس کي لنوائي، هن کان ميرپورخاص جي باري ۾ وڌيڪ پڇيو. هن جواب ڏنو تہ:"جڏهن ڪتيءَ جو چنڊ چوڏس رات پنهنجي پوري جوڀن تي هوندو هو ۽ هوا ۾ ڪجهہ ٿڌڪار هوندي هئي..."

مون هن کي وچ ۾ جهليندي چيو : "تون تہ شاعره ٿيندي ٿي وڃين!"

هن وراڻيو : "اسان جي جڏهن شادي ٿي هئي، تڏهن منهنجي ويهارو سال کن عمر هئي. ان کان پوءِ هن وقت تائين، تنهنجي پاڇي وانگر رهي آهيان. ڪنهن وقت اهو پاڇو ننڍو هوندو هو، ڪنهن وقت وڏو ٿي ويندو هو. مون تو مان ڪجهہ تہ پرايو آهي."

زرينا گفتگو جاري رکندي چيو: "انهيءَ مُند ۾ بابا شاميانا هڻائيندو هو ۽ سگهڙ ڪچهري ڪندا هئا. وڏا وڏا ماڻهو گڏ ٿيندا هئا. ماڻهو گيت ڳائيندا هئا تہ لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ويندي هئي. رهاڻ ٿيندي هئي تہ ٽري امل سان ڀريل ٽري آڇيندا هئا. بابا چوندو هو تہ امل سان انسان ٻوٽيءَ وانگر پڙڪو ڏئي اڏار ڪائي ويندو آهي."

مون چيو تہ: "مون آتم ڪهاڻيءَ جي پهرين حصي ۾ تر تي ڪافي لکيو آهي."

"تو اسان جي گهر ۾ ڪتا ڏٺا هئا، ڪيڏا نہ خوبصورت هئا. اهو ڪتو جو بابا توکي بہ تحفي طور ڏنو هو جڏهن تون فرسٽ ايئر ۾ فرسٽ ڪلاس آيو هئين."

"انهيءَ ڪري تولاءِ وصيت ڪئي هئائين تہ تنهنجو سڱ مون کي ڏنو وڃي."

"ڪوڙا! بابا اهڙي وصيت نہ ڪئي هئي. لکيو منجهہ نراڙ قلم

ڪياڙيءَ نہ وهي، تون منهنجي پاڳ ۾ لڪيل هئين، ان ڪري تنهنجي ماءُ، امڙ ڪان سڱ گهريو هو.“

هن ڳالهہ جاري رکندي چيو هو: ”بابا، تر ۾ اُتَ تي سفر ڪندو هو تڏهن ان جي چمڙي جي جُهلن تي خوبصورت پرت پريل هوندو هو. ہيا اچن ليڪن تي نيرن ليڪن وارا ’جاجم‘ هوندا ها.“ هوءَ نالو ياد ڪري چوي تي تہ: ”هائو انهن کي ’جاجم‘ چوندا هئا. جيڪي ويهارو فوٽ کن ڊگها هوندا هئا، جي اسان ٻنا چؤتا ڪري پائينديون هيونسين. جڏهن پوهہ جا پارا پوندا ها. ڪاٺ جي پيتين تي ڪاوا ڪيڏا نہ خوبصورت لڳندا ها!“

زرينا، مون اجا تنهنجي پيءُ جي حقيقت پوري نہ ڪئي آهي، تہ تر جا نانگ ياد ڪري، اڄ تہ تاج پور مان چڪر ڏئي اچون.

نواب لغاريءَ اسان جي دعوت پنهنجي زمين تي ڪئي هئي. اُتي ڪيڏي نہ من موهڻي فضا هئي!

”اُتي تو هڪ فارسي شعر ٻڌايو ۽ ان جي معنيٰ ٻڌائي هئي. اهو ڪهڙو شعر هو؟“

مون چيو:

نسیم خلد می ورد مگر ز جوئبار ها
کہ بوءِ مشک می دهد هوائے مرغزار ها

(بهشت جي هوا گهلي رهي آهي ۽ جوئبارن تان گهلندڙ هوا مان مشڪ جي خوشبو اچي رهي آهي.)

تاج پور ۾ هڪ بينڪ هئي، ان جي سامهون ڪيئي سفيدي جا اوچا ۽ سڌا وڻ ها، جن جي پنيان ڪيترائي ايڪڙ ڪيلا بينل ها. پرسان ٽيوب ويل مان پاڻي ڪسين مان وهي دلفريب فضا پيدا ڪري رهيو هو. نواب لغاريءَ جو نانگائي سؤٽ بہ عجيب ماڻهو هو. چا نالو هو هن جو؟ ”مان پانيان ٿو تہ هن جو پورو نالو نواب محمد خان لغاري هو.“ ڪيئن چئجي هن عمر ۾ ڪي ڳالهيون ياد رهن ٿيون، ڪي نہ ٿيون رهن.

هيمنگ وي مڇ کي چيو هو: ”مڇ، تون منهنجو ڀاءُ آهين، پر مون کي توکي مارڻو ضرور آهي.“

پر نواب محمد خان چوندو هو: ”نانگ، تون منهنجو ڀاءُ آهين، مون کي توکي پالڻو آهي.“

ڪھڙا ڪھڙا نانگ هيا هُن وٽ. گڏا، پدم، ڪاريھر، ڊمر، واڇر، لنديون، ڪپر. سنگ چُوڙ نانگ بہ هن وٽ هوندا ها، جو تمام زهريلو نانگ ٿيندو آهي. اچا پيا بہ نانگن جا قسم ياد ٿا اچن. سونهري، ڪنياري، گھوڙيال، چڙيل، بہ منهين، پتنگ، ڪُرند، سُرميل، هن وٽ هر قسم جا زهريلا نانگ ها، سواءِ مار آستين جي، جو منهنجو پسنديده نانگ آهي. اهي نانگ مثل ڏيڏر ۽ ڪوئا ڪائيندا ها.

لينن گراڊ ۾ منهنجي گائيڊ سرگي ٻڌايو هو تہ هندوستان ۾ نانگ ڪي شانپ پيا چون. نانگائي نانگ ڪي ڳچيءَ تي لٺ ڏئي پڪڙي، منديءَ ۾ هٿ وجهي ڳياڙين مان چاقوءَ سان ڏند ڪڍي وٺندا ها ۽ ڏندن ڪڍڻ کان پوءِ چاقوءَ سان نانگ جي زهر جي ڳوٿري بہ ڪڍي وٺندا ها.

منهنجي فطرت ۾ دوستن ڪي نانگن جيان پالڻ واري ڪمزوري آهي، پر مان هنن جا چاقوءَ سان نہ ڏند ڪيندو آهيان ۽ نہ سندن وات مان زهري لفظن جي ڳوٿري ڪڍي سگھندو آهيان، ان ڪري نيٺ هو مون ڪي ڏنگي وڃهندا آهن. مون ڪي تن سنگ چُورن بہ ڏنگيو آهي. پر قدرت مون ڪي اهڙو ڪو اڏن ڏنو آهي، جو مان هن وقت تائين تہ انهن جي هر زهر کان بچي ويو آهيان.

نواب محمد خان وڏيڪ ٻڌايو هو: ”سياري جو (ڊسمبر کان فيبروريءَ تائين) نانگ ڪجھ نہ کائيندو آهي، پر مان ٻاهر بہ نہ نڪرندو آهي. ڪيتري نہ ساڃاھ آهي پسونءَ ڪي تہ سيءُ سٺي وڃهندو! جڏهن هو ٻر مان نڪرندو آهي، ڪنهن انڊر گرائونڊ انقلابيءَ جيان، تڏهن بڪ ۾ ڪوئو چوزو ۽ بيدو ڪائيندو آهي. جهرڪيءَ ڪي بہ ڪائي ويندو آهي. بيدي ڪي مٿي سان ٽيلها ڏئي، پٿر سان ٽڪرائيندو آهي ۽ ان ڪي پيچندو آهي. ڊسمبر ۾ ڪُتيءَ وانگر گانڊوڙ ڪندو آهي. جيڪڏهن هُن جي مادي ڪنهن ماري وڌي تہ ان ڪي ڳولي لهندو آهي. نانگ جو وير هڪ حقيقت آهي. نانگ ڪي ماٽڪيءَ ۾ صورت نظر ايندي آهي.“

مون ڳالھ جاري رکندي چيو: ”مان نظم ۽ نثر جي تلاش ۾ سنڌ جو چپو چپو ڦريو آهيان ۽ نوٽ ورتا آهن. شايد انهن جي مدد سان مان ڪوئي ناول لکي، سنڌ ڪي امر ڪري سگھان! سنڌ ۾ وچولي طبقي جا انسان نانگ ۽ وڇونءَ کان وڌيڪ زهريلا آهن. ڪارل مارڪس وچولي طبقي سان نفرت ڪرڻ لاءِ صحيح هو. مون وِڇن جي باري ۾ نواب محمد خان کان پڇيو هو تہ

هن چيو هو: "جروار وِڇون ڪارو ٿيندو آهي ۽ ڪُتي کي ڪائيندو آهي تہ اهو بنا دانهن مري ويندو آهي. جروار ڪڙ ڪپيتي وانگر چمڪندو آهي. وِڇون هڪ ئي وقت اتڪل ستر ٻچا ڏيندو آهي. جمڻ سان وِڇون ماءُ کي کائڻ شروع ڪندا آهن. هُو ان جي پٺيءَ تي ويهي، ان کي کائيندا آهن. ڇا نہ سبق آموز ڳالهہ آهي، هر سياست دان لاءِ، جو پنهنجيءَ اڳواٽيءَ تي ٽيڳرندو آهي."

هن نانگن جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌايو: "پدم کي ڦڻ تي نعل وانگر نشان ٿيندو آهي. ڪلاڏاري نانگ کي مڻ، چار انچ ٿولهہ ۽ اک ڳاڙهي ٿيندي آهي. سندس مڻ نانگ جوئي ٽڪرو آهي ۽ باداميءَ وانگر ٿيندي آهي. ان کي سنها سوراخ ٿيندا آهن ۽ ڪڪيل هنڌ تي لائبي آهي تہ زهر چوسجي ويندو آهي."

منهنجي شاعري اهڙيءَ مڻ وانگر آهي ۽ منهنجي زندگيءَ جو سارو زهر چوسي ورتو اٿائين.

نواب محمد خان ساري عمر اهڙي ڪوجنا ڪئي هئي ۽ جي هُو آمريڪا ۾ جمي ها تہ ڪنهن لاڳاپيل اداري جو ڊائريڪٽر هجي ها، پر سنڌ ۾ هن کي نانگائي سڏيندا ها ۽ ڪيس حقارت سان ڏسندا ها. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ: "نانگ ۾ ڇاڱريءَ ٻير جيترين ٽڏي سائي رنگ جون ٻہ زهر جون ڳوٿريون ٿينديون آهن، جن مان نيش (سنها ڏند) نڪري ايندا آهن، جڏهن انهن کي چاقوءَ جي ڇهنب سان ٽيڙ ڏيندا آهن." ڇا نہ هڪ سياستدان لاءِ تشبيهہ آهي، جو فوجي آمريت جي چڪر ۾ ايندو آهي. جوڳي نانگ جي ڳوٿريءَ ۾ سوراخ ڪري، هر هفتي زهر ڪڍي ڇڏيندا آهن. نيش ۾ انجيڪشن جي نيڊل وانگر سوراخ ٿئي ٿو پر گرنار وارا، نيش تي چانديءَ يا سون جو ريهو ٿا ڏين، جنهنڪري ان جا سوراخ بند ٿيو وڃن. آمر بہ عام سياستدانن سان ائين ڪندا آهن. هر ايم. پي. اي ۽ ايم. اين. اي ۽ مجلسِ شوريٰ جي ميمبر تي ريهو هٽي ڇڏيندا آهن.

"ڊمر، واڇر، لُنڊي، ڪپر، ٻہ مُنهين، ڪُرنڊ نانگ بہ پنجن کان ستن تائين ٻچا ڏيندا آهن ۽ ٻچن ڄڻڻ کان پوءِ انهن مان آني وانگر اور نڪري ايندي آهي ۽ هو پنهنجا ٻچا مهينو کن پيا کائيندا آهن. جيئن سنڌ جو هڪ انقلابي رهنما ڪندو آهي. باقي نانگ آنا ڏيندا آهن. ماپ جي لحاظ کان نانگ جو آنو هڪ انچ کان ساڍا چار انچ ٿيندو آهي." ان کان پوءِ هن ڳالهہ ڪتائيندي چيو: "ڪي نانگ غير زهريلا بہ ٿيندا آهن. ڳوراهو ست فوٽ ڪن

ڏِگهو ٿيندو آهي. ڪارو سائو 4 يا 5 انچ ٿيندو آهي، بہ مُنهين، رنگ جي ناسي ٿيندي آهي. ارڙ وڪڙ وجهندو آهي ۽ لاڙ ۾ پاڻيءَ واتڙو بہ ٿيندو آهي، جيڪو پاڻيءَ ۾ رهندو آهي. ڪارو علم بہ ٿيندو آهي، ان جو هن انگريزيءَ ۾ ترجمو (Black Magic) ٻڌايو.“

نواب محمد خان انسانن کان وڌيڪ نانگن ۾ دلچسپي وٺندو هو ۽ انهن جي چڪ سان ڪئنسر جو علاج ڪندو هو. هن تي اخبارن ۾ مضمون ايندا ها، جي پڙهي خوش ٿيندو هو. قضا الاهي، ڪنهن پيري هن نانگ کان ڪنهن مريض کي ڏنگايو جو مري ويو. هن تي قتل جو ڪيس ٿيو پر هو ان مان ڇٽو يا نہ ۽ جيل ۾ مري ويو يا ٻاهر، مون کي معلوم نہ آهي. هيءَ ڳالهہ جا منهنجي نوٽ بڪ ۾ لکي پئي آهي، ڏيکاري ٿي تہ منهنجي سنڌ جي عوامي زندگيءَ ۾ ڪيتري دلچسپي هوندي هئي. سنڌ جي چپي چپي کي ڄاڻڻ لاءِ مون ساري سنڌ گهمي هئي، پر ان تي مان پوءِ ٿو اچان، في الحال تہ مان نيو ايرا ايوي اسڪول جي پنجين درجي ۾ پهريون نمبر اچان ٿو ۽ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخلا ٿو وٺان. ڇهين درجي ۾ مان پنهنجي ڪلاس فيلو مُنوءَ کي ڏسي غالب جو شعر جهونگاريندو هوس:

کوئی میرے دل سے پوچھے تیرے تیر نیم کش کو
یہ خلش کہاں سے ہوتی ہے جو جگر کی پار ہوتا

(تنهنجي اڌ تاڻيل تير جي باري ۾ ڪوئي مون کان پڇي، هيءَ خلش ڪٿي هجي ها، جي جگر مان پار ٿئي ها.)

مان تيستائين نہ رڳو ’بيخود‘ دهلويءَ جي تشريح جي مدد سان سارو ديوانِ غالب پڙهيو هو پر ان مان اڪثر غزلن جا غزل مون کي ياد هوندا هئا. مون کي غالب سان ايتري محبت ٿي وئي هئي، جو ڪيئي سال پوءِ جڏهن دهليءَ ويو هوس، تڏهن پنهنجي ٿري پيس فل سوٽ سان غالب جي مزار جي ڏاڪڻ تي ويهي، پنهنجو فوٽو ڪڍرايو هو. اهو فوٽو پوءِ مولوي عبدالواحد سنڌيءَ پنهنجي رسالي ”نئين زندگي“ ۾ ڇپيو هو. شايد انسان جي جسم ۾ ڪائي برقي رو آهي، جا ٻئي انسان کي ڇڪي ٿي، جيئن چقمق جا ٻہ ٽڪرا هڪ ٻئي کي ڇڪيندا آهن.

منوءَ کي ڪاريهر وانگر بہ ڪاريون چوٽيون هونديون هيون، جي هن

جي ڇاتيءَ تي لڙڪنديون هيون. هن کي اتي بہ ڪتوريون نڪتيون هيون، جي نيٺ ڪير ڪتوريون ٽيٽيون هيون. عورت ڇا آهي؟ ٻور جي خوشبوءِ، انبڙيون، وڻ پڪو انب، جو نيٺ ڇٽي پوي ٿو. ڇهن مهينن کان پوءِ هوءَ ائين ٿي لڳي، ڄڻ ڪنير ڇڪيءَ تي بہ پيالا چاڙهيا هئا. گورو رنگ، ٽتل نموريءَ مان نڪتل ڪير وانگر ۽ هن جا چپ ڏاڙهونءَ جي ڪچين مکڙين وانگر هئا. هوءَ نيلوفر جي ول وانگر وڌي رهي هئي. جنهن کي سنڌيءَ ۾ پبڻ جو گل چوندا آهن. هن جو گهر شڪارپور ۾ ڪاريءَ مياٽيءَ وٽ هوندو هو. مان روز هن جي گهر وٽان لنگهندو هوس، جيئن هن کي هڪ نظر ڏسي وٺان. هڪ پيري مان جڏهن هن جي در وٽ پهتس، تڏهن هن اوچتو در کوليو ۽ اتي لپ ڪنهن پينوءَ کي ڏنائين، جيڪو در تي سئن هٽي رهيو هو. هن جون ٻانهون چانورن جي اٽي کان بہ وڌيڪ اڇيون هيون. هوءَ مون کي ڏسي وائڙي ٿي وئي. مون بہ ائين لپ وڌائي، ڄڻ هن کان بکيا گهرندو هجان، پر هوءَ اوچتو در بند ڪري هلي وئي. ان کان پوءِ هوءَ رات ۽ ڏينهن جي سپنن ۾ اڀري ايندي هئي. انهيءَ عشق ۾ فقط اکيون ملوث هيون. مون کي ياد ٿو اچي تہ بسنت هال حيدرآباد ۾ مون پنهنجو غزل پڙهيو هو:

هيءَ سئن نہ ڏيندي ڇئن، اُتي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اچايو آ پياريو آ.

چوڏاري واهہ واهہ ٿي وئي هئي، پر ڪنهن بہ نہ ڄاتو ٿي تہ منهنجي تحت الشعور ۾ ڇا هو؟ هنن تاڙيون تہ وڄايون ٿي، پر پوپٽ ڪسڪي ٿي ويو. جنهن وقت منهنجي ڦوهہ جواني هئي، تنهن وقت ڪيئي محبوبائون منهنجي زندگيءَ ۾ آيون هيون، پر ڪابہ انهيءَ رابيل جي گل جهڙي نہ هئي، جهڙي مَنو هئي، جنهن جي تاريءَ تائين منهنجو هٿ نہ پهچي سگهيو هو.

هوءَ رِسيس ۾ اسڪول جي ورانڊي ۾ ٽهلندي هئي. جمونءَ جي وڻ هيٺان، ساهيڙين سان ويٺي هوندي هئي. ڪلاس ۾ ويٺي هوندي هئي تہ منهنجون اکيون هن تي کتل هونديون هيون. اکين جي ٻولي اکيون سمجهنديون آهن. هوءَ همہ تن هائو هئي. هن مون کي ايترو اتساهيو هو جو صرف هن کي ڏيکارڻ لاءِ مان ڪيمسٽري، فزڪس، جاميٽري ۽ ٽرگناميٽريءَ ۾ پهريون نمبر ايندو هوس، جن سان هونءَ منهنجي ڪائي

دلچسپي نہ هئي. انگريزي، سنڌي، فارسي تہ مان پنهنجن استادن کان بہ وڌيڪ ڄاڻندو هوس. جڏهن ڪوئي ماستر سوال پڇندو هو تہ مان ڀرين هٿ مٿي ڪندو هوس ۽ صحيح جواب ڏيندو هوس، تڏهن مَنو مون ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏسندي هئي.اي حسن! تون مون کي ايترو مُنجهي ڇو ڇڏيندو آهين؟ دنيا ۽ مافيها کان بي خبر چالاڪ ڪري ڇڏيندو آهين؟ تون ئي تہ موت جي مات آهين؟ تو ئي پيريءَ تائين منهنجي تحرير کي جوان رکيو آهي. اهڙي کهڙي موميا آهي، جا تو ۾ آهي ۽ جا جذبات کي جوان رکيو اچي!

مون گهڙيءَ لاءِ نہ لڪايو آهي تہ منهنجي وَهي مڙي چڪي آهي، هميشہ لاءِ اک پوٽ جو وقت ويجهو آهي. مان اهو سڀ ڪجهہ لکڻ ٿو چاهيان، جنهن منهنجيءَ شاعريءَ کي اتساهيو آهي. هوءَ سرسوتي، جنهن جو گهر سُڪي تلاءَ کان ٿورو پري هو ۽ جا شام جو پنجين پنهنجي بالڪنيءَ ۾ ويهي، منهنجو انتظار ڪندي هئي ۽ هن وٽان ويجي، ڪنهن هرڻ وانگر ترسي، هن ڏانهن ورائي ڏسندو هوس. اها رڃ وانگر منهنجي زندگيءَ مان گم ٿي وئي، پر ازل جي اُڄ ڇڏي وئي. چندا ۽ چمپا، جي سُڪ پل جي پرسان فانيءَ جي ڪلب جي سامهون رهنديون هيون، اهي سڀ منهنجا معصوم عشق هيون. اهي سڀ ڪيڏانهن ويون، هڪ وڏو واچوڙو آيو ۽ انهن کي ڪک پن وانگر اُڏائي ويو. هاڻي تہ پتو نہ آهي تہ ڪهڙو پن ڪٿي ڪريو. ڪهڙو ڪٿي ڪريو. ائين ٿو لڳي تہ اهي ڇوڪريون مون کي جڳ جڳانتر کان اڳي ڪٿي مليون هيون. ڪٿي؟ ڪهڙي جاءِ تي؟ سو ياد نہ آهي، پر ڀريڻ نظر ۾ منهنجي دل ۾ ڪپي ويون هيون ۽ ڪائي اڌوري ڪهاڻي ڀيهر اڌوري رهٽي هئي. مير تقي مير چيو آهي:

ياد اس کی اتنی خوب نہیں میر باز آ
نادان پھر وہ جی سے بھلایا نہ جائے گا.

پر اجا بہ يتائيءَ چا تہ چيو آهي:

ڪٽا منجهہ قرار، هٿا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڏارئون ڏار
نہ جاٽان ڀيهار ڪير ملندا ڪن سين.

غالباً هن بہ ساڳئي ڪيفيت محسوس ڪئي هئي؟ مون پٽ شاهہ تي

ڪتي نہ پيجبو تَڪ مسافر
ڪنهن واقف عورت کان پڇيو هو: ”تون ڪير آهين؟“
”مغلياڻي.“

جواب منهنجي هانءَ ۾ ٻرڇيءَ وانگر لڳو هو ۽ اسان ڪنهن اڻٽوٽ رشتي جو حصو بڻجي ويا هئاسين. عشق، جو معصوم آهي، دل تي ماڪ جي قطري جيان تروتازه رهي ٿو ۽ جنهن ۾ معصيت آهي، سڄي عمر ڪنڊي وانگر چڀندو رهي ٿو.

ڇا پوپٽ يا پؤنر جو گل سان عشق ڪمتر درجي جو آهي؟ طوطو زيتون جي موجودگيءَ مان وڌيڪ لطف اندوز ٿئي ٿو پر ٽُڪيل زيتون ڻاريءَ تي ڪهڙا نہ برا لڳندا آهن!

’معصوم گنهگار‘ جوش مليح آبادي جي هڪ ترڪيب ڪهڙي نہ پياري هئي! مان بہ يقين سان چئي سگهان ٿو تہ هر گناهہ جي باوجود مان معصوم رهيو آهيان. منهنجي دل ۾ گناهہ جو احساس ائين رهيو آهي، جيئن ٽڙيل گلاب جي گل ۾ ماڪيءَ جي مک هوندي، جا هن کي ڏنگيندي نہ آهي. جڏهن مان ٻي. اي ۾ پڙهندو هوس، تڏهن پنڪج ملڪ جو اهو راڳ:

پنچھی باورا چاند سے پریت لگائی
چھایا دیکھ ندی میں مورکھ نہیں سمائی.

ڏاڍو وڻندو هو ۽ جڏهن اهو ڪنهن هوٽل تي وڄندو هو تہ مان بيهي رهندو هوس ۽ جيستائين اهو پورو نہ ٿيندو هو ڪيڏانهن نہ ويندو هوس. فلمي گانا تن ڏينهن ۾ ديوانگيءَ جي حد تائين مقبول هوندا هئا. مون کي ياد آهي تہ موهني ڪيسواڻيءَ کي (جنهن جو پيءُ هولا رام پوءِ منهنجو سکر ۾ سينئر هو) جڏهن ڪلفٽن تي وهنجندي ٻِلو باٽل چڪ پاتو هو تہ هوءَ نيم بيهوش ٿي وئي هئي ۽ جڏهن ڪيس پرتي نهيل هوٽل جي پڌر ۾ ليٽايو هئائون تہ هڪ ٻي جي. سنڌ ڪاليج جي ڇوڪريءَ ان دؤر جو مشهور گانو ”اي چاند ڇهپ نہ جانا“ ڳاتو هو. ان وقت ڪجهہ انگريز سپاهي موجود ها، جي ٿوري هندوستاني ڄاڻندا ها. تن اهو گانو ٻڌي وڏا ٿهڪ ڏنا ها. ان دؤر ۾ آرزو لکنويءَ جو لکيل گانو ”جگ مين چلين پون کي چال“ جيڪو ڪي. سي. ڏي ڳاتو هو، اهو بہ مون کي ڏاڍو وڻندو هو. سئگل مون کي ورلي وڻندو هو. هن جا ’اڪ بنگلا بني نيارا‘ جهڙا گانا مون کي بور ڪندا ها.

جيسين گيت جا ٻول پيارا نہ آهن، تيسين ڳائڻ جو آواز ڪيڏو بہ پيارو هجي، مون کي نہ وڻندو آهي. مان ڪيترو دور اچي نڪتو آهيان، زندگي آبشار وانگر، مون کي ڪيترو نہ لوڙهي وئي آهي!

مون ڳالهہ ٿي ڪئي زرينا جي والد بزرگوار جي. هن مون کي گربخشاڻيءَ واري شاهہ جي رسالي جا ٽي جلد بہ تحفي طور ڏنا ها، جڏهن مان فرسٽ ايئر ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو هوس.

. مان انگريز سرڪار خلاف تحريڪ ۾ ايترو ملوث ٿي چڪو هوس ۽ رتن ۽ سندر ساهتيہ ۾ ڇپيل گجراتي، بنگالي، هندي ناولن مون کي ايترو اتساهيو هو جو هڪ ڀيري مان انگريزن خلاف زوردار تقرير ڪري رهيو هوس، جا اسٽوئرٽ گنج لڳ زرينا جو پيءُ پاسيرو بيهي ٻڌي رهيو هو. مون پنجابيءَ جو هڪ لوڪ گيت پڙهي تقرير ختم ڪئي:

بازار وڪاندي ڏوڪي
انـــگريز پرايا لوڪي
سمـجـهہ نـہ جـاڻـــان!

خان صاحب منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي پڇيو: "پُٽ تون انگريزن کي ڪڏهن سگهندين؟"

"ڇو نہ." مون جواب ڏنو. "اسان هندوستاني ٽيٽيهہ ڪروڙ آهيون." منهنجي ڪم عمريءَ کي ڏسي هو فقط مُرڪيو هو.

خان صاحب هڪ خدا ترس ماڻهو هو ۽ صوم صلوات جو پابند هو. زرينا، جا پيءُ جو ذڪر ڪندي نہ ڏاپندي آهي، هن کي ياد ڪري روئي ويندي. ڇا نہ آتشبازي ٿيندي هئي شڪارپور ۾ شب برات تي! زرينا جن جي گهٽيءَ ۾! ڦٽاڪا، ٺنڊڻيون، ڊُنگ، هوايون، بم گولا، وڇون، ٽوٽڪا، رنگين ماچيس، چٽڳائي سُيون، ڦرٽيون ٻرنديون هيون. اهي نالا تہ منهنجي ڌيءَ ڊاڪٽر روحيءَ جي ٻارن رابيل، روحيل (اهو لفظ روح مان نڪتل آهي.) سرمد ۽ ڪومل بہ نہ ٻڌا آهن، جي ڪجهہ وقت اڳ هتي رهيل هئا، پر اهي مستقل طور دادوءَ ۾ رهندا آهن. نہ وري اهي روماسا، پري سا، سونيا، ماهہ رخ ۽ بشريٰ ٻڌا آهن، جي منهنجي ڌيءَ ياسمين جون ڏيئر آهن، جيڪا ٽڙس سان گڏجي عمري تي وئي آهي ۽ 11 ڊسمبر 1995ع تي موٽڻي آهي. هن جون ڏيئر

اسان وٽ ٽي ڏينهن اڳي اچي رهيون آهن، جيئن هو پيءُ ماءُ جي آجيان ڪري سگهن. جدي ۾ منهنجو پٽ انيس پي. آءِ. اي جو مئنيجر آهي، جيڪو سندن خيال رکي رهيو آهي. انهيءَ جا ٽيئي ٻار شهريار شاهہ رخ ۽ نينا بہ انهيءَ شڪارپور جي تهذيب کان غير واقف آهن. نہ وري منهنجي پٽ ڊاڪٽر سليم جون ڏيئر نين تارا ۽ پريا يا منهنجي ڌيءُ نگهت جا پٽ شاهہ زيب ۽ جهان زيب، جن جا نالا منهنجي نياڻي اورنگ زيب رکيا ها. افسوس جو هن جي فرشتا صفت ڌيءُ شفق گذاري وئي. مان هن جي وفات تي ڏاڍو رنو هوس. ائين معصوم ٻار خدا ڇو ٿو گهرائي وٺي؟ هن جي مصلحت ڪير ٿو ڄاڻي؟ ڇا اهي صور اسرافيل تائين ٻار ئي رهن ٿا ۽ انهن کي جواني ۽ پيري نصيب نہ ٿي ٿئي؟ ڇا اهي ٻار قيامت ۾ بہ ٻار تي اُٿندا ۽ ڪوثر ۽ سلسبيل جي ڪناري ڪنهن وڻ ۾ ميوي وانگر لڳندا. خدا جو اسرار ڪيترو بعيد از فهم آهي!

جڏهن مان ننڍو هوندو هوس تہ ڪونجان نالي هڪ عورت پنهنجي خوبصورت ڌيءُ سان اسان جي گهر ايندي هئي. مان هن کا روز پيرون وٺندو هوس، جيڪي هو ڪنگريءَ ۾ ڪٽي، وڪڻڻ ايندي هئي. پيرون منهنجو وات چلي ڇڏيندا ها، پر پوءِ بہ مان هن کي چوندو هوس تہ هوءَ روز اچي، ڇو تہ هن جي خوبصورت ڌيءُ نازان مون کي ڏاڍو وڻندي هئي. بہ چار ڏينهن هو نہ آيون ۽ مون هنن جو ڏاڍو انتظار ڪيو. هڪ ڏينهن هن جي ڌيءُ اڪيلي ڪنگريءَ ۾ پيرون کڻي آئي. جڏهن مون هن کان هن جي ماءُ لاءِ پڇيو تہ چيائين: "بابا امان کي ڪاري ڪري ماري ڇڏيو آهي."

مان حيرت مان هن ڏانهن ڏٺو ڇو تہ هن جي ماءُ تہ هُن وانگر گوري هئي، گهٽ ۾ گهٽ هن جو رنگ ڪنگريءَ ۾ پيل پيرن جهڙو تہ هو.

مون رڙ ڪري هن کي چيو: "تنهنجي ماءُ تہ ڪاري نہ هئي."

هن جواب ڏنو: "بابا هن کي هڪ ڪنوهڙ (ذات) سان ڪاري ڪري ماريو."

"ڪهڙو ڪنوهڙ؟"

"پوکي کيتي ڪندو هو."

ايتري ۾ منهنجي ماءُ اچي نڪتي، جنهن کي هن ساڳي ڳالهہ ٻڌائي ۽ جنهن مون کي سمجهايو تہ ڪاري ڇا ٿيندي آهي، جٽ، زالن کي ڪاري ڪري ماريندا آهن. اميءَ انهيءَ ڇوڪريءَ جا ڳوڙها اُگهيا، جا اوڇنگارون

ڏئي رهي هئي ۽ هن کي مون سان گڏجي تريل پٽاٽا ۽ سرنهن جو ساڳ ڪارايو. پوءِ مون هن جو ساندهہ هڪ هفتو انتظار ڪيو پر هوءَ پيرون ڪٽي نہ آئي. هاڻ جڏهن ڪٿيءَ جون مينهن ڦڙيون پونديون آهن، تڏهن مون کي اهو مهانڊو ياد ايندو آهي، جنهن تان ٿهہ ٿهہ ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. جنهن جا چوليءَ مان بہ پيرون نظر ايندا ها. الائي چو ڪي ڪي مهانڊا دل تي اُڪرجي ويندا آهن ۽ مِٽجي نہ مِٽبا آهن.

اسان جي گهر پرسان گهگراٽين جو پاڙو هو. جتي چيلو ڪٽاڻ وارو رهندو هو. چيلو ڦارون، گجر جي ڪرتين، بصرن جي ڳنڍُن ۽ ڪٽر، انبن، ڪريلن، واڱڻن، مرچن، ڇُهارن، ميهن، متيرن، گوبي، ڏوئرن، ليمن، ٿوم، ادرڪ، ڪشمڪش ۽ تر مغزيءَ جي ڪٽاڻ ٺاهيندو هو. ننڍيءَ بازار ۾ ڪتو ڪٽاڻ وارو بہ ساڳئي قسم جي ڪٽاڻ ٺاهيندو هو. ننڍيءَ بازار جي ڪنڊ تي نيوند حلوائيءَ جو دڪان هو. جنهن کان اسان ناشتي لاءِ سيرو پڙيون ۽ پٽاٽن جي ڀاجي وٺي ايندا هئاسين ۽ شام جو مانيءَ سان کائڻ لاءِ ڪچوريون ۽ پڪوڙا وٺي ايندا هئاسين. نيوند سيني کان سٺي مٺائي رکندو هو ۽ جنهن وٽ مٺائيءَ جا وڏ کان وڏ قسم هوندا هئا. هن وٽ کوهيو مانهن جي مٺائي، کور جو مائو جنهن ۾ پستا پيل هوندا ها. جليبيون، مگيريون، ڏندان گيري حلوو، سائو مائو ٻجن، ناريل ۽ پيٺي جون مٺايون، اڇي برفي، نُختي (بوندي)، تريل سگر، تريل دال، چمون، ڪارا ۽ ڳاڙها، ڏوٺيون، تسمئي وغيره ٺاهيون ويندون هيون. هولو ۽ پوچُو حلوائي بہ گهٽو ڪري ساڳيون مٺايون ٺاهيندا ها، جن جون ڏياريءَ تي اسان وٽ هندو پنڊيون پري موڪليندا ها. نيوند جي پرسان هڪ قيمائي هوندو هو جيڪو ڪاري مرچ ۾ قيمو پچائيندو هو ۽ قيمو چمچي سان ڪڍي، وڏيءَ ديگڙيءَ تي چمچي سان ٺڪ ٺڪ ڪري ڏيان ڇڪائيندو هو. ڪنڊي جي کُهيءَ کان ڪجهہ پنڌ تي پوڳڙي هو. جو پڳڙا ٽتل واريءَ ۾ ڦلاريندو هو ۽ جوئر ۽ مڪئي جا ڦلا بہ ڦلاريندو هو. مرملا، ڦلا، آپون، پيٺل ستون، چانورن، پڳڙن ۽ ترن جا بوٽينڊا ۽ لايون بہ وڪڻندو هو جي اسان پاند پري وٺي ايندا هئاسين. ننڍي بازار ۾ حلوائي، جوهري، ويرو لغڙائي بہ هوندا هئا. جنهن وٽ شمن گڏي، ڏندي دار، لوٺڻ دار، ڏنگي دار لغڙيون وڪامنديون هيون، جي وٺي اسان شام جو ڪوٺن تي اڏائيندا هئاسين. انساني روح وانگر ڪنهن پتنگ جي اڏام ٿوري ۽

ڪنهن جي گهٽي هوندي هئي. ڪو وچ تي ڪاتا تي ويندو هو ۽ ڪو ڏاڍو ڏور وڃي ٽِڪ ہڏي بيهي رهندو هو. پر پوءِ بہ ان جي ڏور ہي ڪنهن جي وس ۾ هوندي هئي. پر اها تڏهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان ہئي درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس. انهن کان سواءِ تصويرن جو هڪ دڪان هوندو هو. جنهن ۾ دنيا جي ٻهترين آرٽ جا فوٽو هوندا ها، جتي مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ وڃي ويهندو هوس.

مون کي هاڻي ياد ٿو اچي، انهن ۾ ايل. گريڪو بوتي چلي، رفائيل، گويا وغيره جي تصويرن جا فوٽو هوندا هئا. گويا جي 'ننگي ماجا' مون کي چٽيءَ طرح ياد اچي ٿي. ان کي مون ڏسي پهريون ڀيرو تصور ڪيو هو تہ منو ڪپڙن اندران ڇا هوندي!

گهہ جا واپاري بجاج، سونارا، فوني وارا بہ هوندا ها. اتي هڪ سک جو دڪان هوندو هو. جنهن جي وچ تي ڪپڙي جو پردو ڏنل هو ۽ هُو ڪجهہ هندو ڇوڪرا پردي پويان وٺي ويندو هو ۽ جڏهن ٻاهر ايندو هو تہ پنهنجي ڏوتيءَ سان نرڙ تان پگهر ڦڙا اگهندو ايندو هو ۽ انهن اسڪولي ڇوڪرن کي پينسلون، سانچا، نوٽ بڪ ۽ جپاني رنگ مفت ۾ ڏيندو هو. مون ڪانوَ جو گوشت فقط هڪ ڪلاس فيلو سنڌي سک کي کائيندو ڏٺو هو. جيڪو هو شاهي باغ جي پنيان ڇرن واري بندوق سان ماري آيو هو. مون کي اهو ڏسي جڏهن نفرت آئي تہ هن چيو: "اوهان مسلمان بيوقوف آهيو. ڪانوَ طوطو ڪبوتر. جهرڪيون سڀ هڪجهڙا آهن. ڪوئي پکي حلال يا حرام ناهي." هو نوريئڙا بہ رڌي کائيندو هو. ہي ننڍي بازار جتي شيخن جي حويلي بہ هئي، هڪ دڪاندار ڏاڍا مزيدار دهي ٻڙا. ڪاڪڙن جي ٿلهي کان پري بزار جي ڪنڊ تي ٺاهيندو هو جا ڍڪ بزار ۾ پوندي هئي.

دهي ٻڙن جي دڪان جي پرسان، مٺين شين جا دڪان هوندا هئا. جن ۾ مصريءَ جا سنگ، ننڍا وڏا پتاشا، گهيٽ، ننڍيا وڏا پستن، پڳڙن، بوهي مگن ۽ بادامين وارا نقل ۽ ريوڙيون ملنديون هيون. اسان جي پاڙي ۾ نارائڻ حڪيم جو دڪان هو جو ڪنا ليما پائيندو هو جي ڪڏهن ڪڏهن اسان ڇانورن سان ڪائيندا هئاسين تہ مليريا جو بخار لهي ويندو هو. اهي سڀ ڳالهيون اسان جي پونيئرن جي خواب خيال ۾ بہ ناهن. مون کي پنهنجي ننڍپڻ واري شڪارپور ساري، غالب جو هينيون شعر ياد ايندو آهي:

الاہی میرے لبوں پر یہ کس کا نام آیا
کہ میری نطق نے بوسے میری زبان کے لئے.

(يا الاهي منهنجي چپن تي هي ڪنهن جو نالو آيو
جو منهنجي تارونءَ منهنجي جڀ کان چميون ورتيون.)

اتفاق سان منهنجو ننڍو سالو سرفراز جنهن کي منهنجون ڌوهٽيون ماما سفن ڪري ڪوٺينديون آهن، اچ اچي نڪتو آهي ۽ زرينا جي موجودگيءَ ۾ هن کان شڪارپور جا تفصيل ٿو وٺان.

هن کان وڌيڪ معلوم ٿيو تہ اسان جي پاڙي ۾ ڪُپڙين واريون ايندڀون هيون، جن کي ڪليوپيٽرا ڪٽ نرڙ تي ڪتيل وار ۽ لوندڙين وٽ ڪُنڍڙا ڪاڪل هوندا ها ۽ منهن تي ڏينپوڙيون ڪيڏنديون هيون. ڪن کي ڏينپوڙين سان نرڙ تي چنڊ تارو ٽهيل هوندو هو. هٿن جي پٺيءَ تي ست ست ڏينپوڙيون هونديون هين ۽ ٻانهن جي ٻُڪن تي بہ، هو نڪر جون بيل گاڏيون، پينگها، گُڏيون، ڪپڙا، گهگهيون بہ آڻينديون هيون. اهي شيون ائين لڳنديون هيون، چڻ موهن جي دڙي جي ميوزم مان آنديون اٿائون. اهڙيون صورتون مون مصري ڪتابن ۾ ڏٺيون آهن.

تہ اونهاري ۾ جڏهن ڇُڙيو پاڻي واهن ۾ ايندو هو ۽ تاڪ منجهند جو جڏهن ڪانوَ جي اک نڪرندي هئي، هُو اسان جي گهرن ۾ گهڙي ايندڀون هيون ۽ نڪر جي ڪنگرين مان پيرون ڪيڏي وڪڻنديون هيون، جي اسان چاهہ سان کائيندا هئاسين.

ڇا دنيا جي ڪابہ طاقت اسان کي انهن ساروڻين کان روڪي سگهي ٿي؟ ڇا ساروڻين تي زنجير پئجي سگهن ٿا؟ اها ہي ڳالهہ آهي، جو اِسان جو نئون نسل ويسر جي انڌي کوهہ ۾ ڪِريو آهي ۽ دنيا ۾ ان ڇا وڃايو آهي، ان جو هن کي ڪوبہ احساس ڪونهي. ڇا مان پنهنجي تحرير ۾ اها دنيا بچائي سگهان ٿو جا برصغير جي تاريخ جو حسين ترين خواب هئي. ڇا پبلو نرودا جي شاعري ميڪسيڪو ۽ لاطيني آمريڪا جي جهوني تهذيب کي بچائي سگهي هئي؟ ڇا برصغير ۾ ڪوئي اهڙو شاعر يا اديب آهي؟

مان سرفراز جي گفتگوءَ جي تسلسل کي ٽوڙڻ نہ ٿو چاهيان ۽ جيئن هو چوي ٿو لکندو ٿو وڃان: ”اسان چتين ۾ ڪاٺ جا پينگها بہ ٽنگيندا هئاسين ۽ جنڊيءَ لٽل ڪاٺ جي پاوِن سان هندورا بہ هوندا ها، جي ڪشمور ۽ هالا

جا ٺهيل هوندا ها. اونهاري ۾ اسان هالا جي هندوري ۾ لڏندا هئاسين. ڏنومل، ڀمن مل، گِندومل ڀرسان رهندا هئا. ڀرسان راڏا نالي هڪ بنگالي عورت بہ رهندي هئي، جا هڪ سنڌي هندو خريد ڪري آيو هو. هوءَ جڏهن وهنجندي هئي تہ مان نم جي ڏار تان پنن ۾ لِڪي، هن جي در مٿان ڪتل لوهي سيخن جي اندر ڏسندو هوس. هوءَ سانوري هئي ۽ ڪچي زيتون وانگر لڳندي هئي. گهر جي سامهون تِڪي رهندي هئي، جنهن جو ڪرڙوڊ پٽ هڪ ننڍي نيٽيءَ سان شادي ڪري آيو هو. اها مون کي ڏاڍا پاسا ڏيندي هئي، جڏهن مان فرسٽ ايئر ۾ پڙهندو هوس ۽ بلوغت تي پهتو هوس. ڪرڙوڊ مڙس مان هن کي رڄ نہ ٿيندو هو. ڏني جي گهر ۾ هن کان اڳ وشنا رهندي هئي، جنهن جو مڙس ڪوئيٽا ۾ زلزلي ۾ مري ويو هو. زلزلي جي خبر جڏهن شڪارپور ۾ پهتي هئي، تڏهن ماڻهو ڏيڪرا ڪري روئي رهيا هئا ۽ مٿو پٽي رهيا هئا، ڇوتہ اونهاري ۾ غريب شڪارپوري هندو بہ ڪوئيٽا وڃي ڌرمشالائن ۾ رهندا هئا ۽ انهن مان ڪيئي مري ويا هئا. وشنا کي هڪ ٻار هو. جوان وڏوا هڪ ڀَٽ تي ڪِريل پڪي انب وانگر لڳندي هئي. ان ٻال وڏوا کي ڏسي، مون کي ٽئگور ۽ شرت چندر چٽرجيءَ جا ناول ياد ايندا هئا.

اي هومر کان هاڻيءَ تائين شاعرؤ! اي ٽي. ايس. ايليٽ، ازراپائونڊ، اي سُوريلي شاعرؤ! لوئي آرگون پال، اليوار اي ليو پارڊي، اي تاريخ نويسؤ! آرٽسٽؤ! جن کي مون راتين جون راتيون جاڳي پڙهيو آهي ۽ دوستي رکي آهي، مون لاءِ ايتري معنيٰ نہ ٿا رکو جيتري اهي عام ماڻهو اهي گمنام ماڻهو پنهنجي گذران لاءِ پريشان ماڻهو آرٽ ۽ ادب کان بي بهره ماڻهو رکن ٿا. مون لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ ڏاڍي وسيع آهي. ڪريملن، ميرشاهہ جي قبي ۽ لينن گراڊ، لکي در کان ننڍا آهن. نہ گهرجن مون کي اهي ميوزيڪل ڪنسرٽ، مون لاءِ مسرور فقير جي سِتار ڪافي آهي. اي دنيا جا اهم ماڻهؤ! اوهان ناراض نہ ٿيو مان اوهان مان ڪن تي اڳي ئي لکيو آهي ۽ ٻين تي ڪنهن وقت لکندس. قدرت مون کي ايتري وٿي ڏيندي، جو سڀ سان ليکو چوکو لاهي وڃان! مون کي واري واري سان خدا بچائي ان ڪري ورتو آهي، جيئن مان هن ڌرتيءَ جو قرض موڪي وڃان.

شڪارپور ميونسپالٽيءَ ۾ هڪ ڊريو صاحب نالي انگريز ايڊمنسٽريٽر ٿي آيو جو هڪ هندو طوائف نونا سان عشق ڪندو هو جيڪا هاٿي در لڳ

رهندي هئي. مون اها نونا ڏني هئي. ڪافي سال اڳ مون کي امراؤ جان ادا ۾ راڻيءَ جو ڪردار ڏسي، اها عورت ياد آئي هئي. هوءَ شڪارپوري هندياڻي هئي ۽ ريشمي پڙو ۽ گج پائيندي هئي ۽ ڪيس پيرن ۾ سونا گهنگهرو ٻڌل هوندا هئا ۽ هاٿي در تي ايندي ويندي وچ وانگر لشڪارا ڏيندي هئي. تن ڏينهن ۾ مون لاءِ هوءَ طلسم هوشربا هئي، جا مون ٻئي يا ٽئين درجي سنڌيءَ ۾ پڙهي هئي. پوءِ تہ جوانيءَ ۾ ايترين طلسم هوشربائون منهنجي آغوش ۾ آيون جو ڪئسانووا مون کي ڏسي ها تہ مون سان رشڪ ڪري ها! ڇا هي مان پاڻ ۽ پنهنجي خاندان سان زيادتي ڪري رهيو آهيان؟ عيسائيت ۾ تہ اعتراف ۽ اقبال جرم (Confession) ماڻهوءَ جي هر گناهہ کي ڌوئي، هن کي اڇو اجرو ڪري ڇڏيندو آهي؟ ڇا روسو کي اولاد نہ هو جنهن پنهنجا اعتراف لکيا هئا. ڇا هيمنگ وي کي اولاد نہ هو؟ جنهن ڪلمنجارو جي برف (Snow of Kilmanjoro) ۽ ٻين ناولن فيسٽا (Fiesta) وغيره ۾ پنهنجا معاشقا لکيا آهن. هيمنگ وي جي تہ پٽ پيءُ جي سوانح حيات لکي آهي. سعادت حسن منٽو جو لاهور ۾ رهندو هو ۽ ترقي پسند هو سو تہ پنهنجي جاءِ تي، پر شورش ڪاشميريءَ جهڙي اسلام پسند اديب بہ ”اس بازار مين“ ڪتاب لکيو آهي.

عيسائيت ۾ اعترافِ گناهہ ارتدادِ گناهہ آهي ۽ منهنجا ڪتاب ئي تہ منهنجا خطبہ گاهہ (Pulpit) آهن.

مون ۾ عيب اپار جو اعتراف اهو ڪنيپ آهي، جنهن جو ڪٿي صرف خدا جي ذات آهي. مان پنهنجي شاعريءَ جي سٽ، ”سپ سانگ سجايو آ پيارا“ موتائي ٿو وٺان، پر پوءِ بہ پنهنجي ذات جي تڪميل لاءِ اهو تفصيل ضروري آهي. جڏهن عارض و لب اٿين لهلهائيندا هئا، جو منهنجي زندگي لالہ زار ٿي ويندي هئي.

هاڻي وري موٽان ٿو پنهنجي سالي سرفراز ڏانهن. هو سَتي جَتي رهيو آهي ۽ هن مهل تائين شادي نہ ڪئي اٿس ۽ انهيءَ اميد تي آهي تہ ڪنهن وقت حوران هن جي هنج ۾ هونديون. هو ٻين بہ ڪيترن هندو مسلمان پاڙي وارن جو ذڪر ڪري ٿو. اسان جي پاڙي ۾ هڪ آچر اپاهج رهندو هو جنهن کي نہ ٻانهون، نہ ٽنگون هونديون هيون ۽ جنهن کي هڪ گاڏڙي ۾ هيٺان رلهي وجهي ليٽائي ڇڏيو هئائون ۽ هن کي هٿ سان ماني کارائيندا هئا. هن

جي ڳالهہ مون ان ڪري ڪئي آهي تہ اهو ڏيکاريان تہ جنسي ناآسودگي هڪ اپاهج کي بہ ڪيترو بيچين بڻائي ٿي ۽ جنسي آسودگيءَ کان پوءِ هن جو منهن ائين ٿو ٿڙي جيئن برسات ۾ پتر جو گل ٽڙي پوندو آهي.

هڪ ڀيري مان شڪاپور ۾ سُڪي تلاءَ وٽان، نعيم صديقيءَ جي گهر ڏانهن وڃي رهيو هوس. جتان تلاءَ شروع ٿئي ٿو اتي هڪ وٺشيا رهندي هئي. اچا مان موڙ وٽان لنگهيس تہ ڇا ڏسان تہ اها وٺشيا ان اپاهج آچر کي هنج تي کڻي پنهنجي گهر وڃي رهي آهي. آچر هن کي ڇيو تہ هن رلهيءَ هيٺان بہ رپيا رکيا آهن. وٺشيا رلهي مٿي کڻي پائليون ۽ آڏيون ڳڻي بہ رپيا ڪنيا. آچر ائين هشاش بشاش لڳي رهيو هو جڻ سڪندر اعظم مئسي ڊونا فتح ڪئي هئي. آچر کي ياد ڪري مون کي وڪٽر هيوگو جو ناول "ناٽرڊيم جو ڪُبو" (Hunchback of Notredam) ۽ مغرب جو عظيم مصور تلوس لوترڪ (Tolouse Lautric) ياد آيا. پر اهي ٻئي ايترا اپاهج نہ هئا. ڇا آچر ڪنهن عورت سان شادي ڪري سگهي ها؟ اهو سوال آسمان جي ڪنگري ۾ ڪنهن ڪمند وانگر وڃي اٽڪي ٿو.

هن جي تقدير ائين چوَ ٿي، ان جو ڪوئي غيب جو ڄاڻو ئي جواب ڏئي سگهي ٿو. هو اهي بہ رپيا هفتي ۾ بيڪ وٺي ڪنا ڪندو هو ۽ رتيءَ جي رهاڻ تي گهوري ڇڏيندو هو. مان جڏهن موٽي آيس، تڏهن ڏٺم تہ اها وٺشيا آچر کي ڪڇ ۾ گاڏڙي ۾ ليٽائي رهي هئي.

مون کي ڪنهن دوست ٻڌايو هو تہ هو ڪنهن پناٽيءَ طوائف وٽ شب باشيءَ لاءِ وينو هو ۽ اچا ڪپڙا لاهي رهيو هو تہ هڪ فقير وٺشيا جو در ڪڙڪائي سڏ هنئين. وٺشيا در کولي هن کي چيو تہ پر واري ڪمري جي در وٽ اچي، چو تہ هن جا پئسا اتي پيا آهن. مُنهنجو دوست کٽ تي وينو رهيو پر پورو ڪلاڪ هوءَ نہ آئي. جڏهن واپس آئي تڏهن، هن کان معافي ورتائين ۽ چيائينس تہ: "فقير بابا ڏاڍو چرس پيتو هو ۽ گهٽي دير لاتائين."

"فقير توکي خيرات ڏني يا تو فقير کي خيرات ٿي ڏني." منهنجي دوست پڇيس. "چرس پيتو هئائين يا نہ هڪ رپئي ڏيڍ ۾ ڪيتري دير ٿئي ها؟"

طوائف جواب ڏنس: "رپئي جو سوال نہ آهي، فقير خيرات ۾ تو وانگر شب باشي گهرندو آهي ۽ جي مان هن کان انڪار ڪندي آهيان تہ هو هليو ويندو آهي، مون کي پٽ جو ڏاڍو پئُ ٿيندو آهي."

اي شرت چندر چٽرجي، توکان چترليکا وسري وڃي، جي آءُ توکي اهي سڀ مشاهدا ٻڌايان، جيڪي مون تائين پهتا آهن. اي هينري ملر! اي ڊي. ايچ. لارينس! اي سعادت حسن منٽو! اي عصمت چغتائي! اي ڪرشن چندر! اي راجندر سنگهہ بيدي! اي موهن ڪلپنا! ڇا اوهان معاشري جي ناسور جي پوري جراحت ڪري رهيا هُئو يا ان کي لاعلاج ڪري رهيا هئو؟

اوهان کي معلوم آهي تہ منهنجي ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ تي بندش وقت هڪ الزام اهو بہ هو تہ ان ۾ فحاشي آهي. ڇا سچ بہ فحش ٿي سگهندو آهي؟

سرفراز کان نيو ايرا اسڪول وسري نہ ٿو وسري. هو بہ مون سان ساڳئي اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ مون کان هڪ سال سينيئر هو. نيو ايرا اسڪول جي باغ ۾ هڪ کوهہ هو. جنهن جي پرسان جمون، توت ۽ زيتون جا وڻ هوندا هئا. کوهہ جون ڪنگريون مون کي جنم جنم جي چڪر وانگر لڳنديون هيون ۽ پنهنجي پاڻي اوتي ڦرنديون رهنديون هيون. طوطا ۽ بربليون، توت ٽُڪي اڏامي ويندا ها. بربلين ۽ طوطن تي ڪابہ پابندي نہ هوندي هئي تہ هڪ ٿي توت يا زيتون کي ٽڪين. نيو ايرا اسڪول جو مالڪ مينگهراج هو جنهن جي ڌيءَ شانتي، اڃا تائين الهاس ننگر ۾ رهندي آهي. هو اسان کان سڌ پنڌ تي رهندا هئا.

نيو ايرا اسڪول ۾ ماستر ڪيئل داس فاني، پيتامبر داس، بودا رام پوڄراج، پريم چند گانڌي، لڇي رام ۽ ڦتي چند هوندا هئا. انهن مان ڪيئل داس بچيو هو ۽ مون سان پارت جي سيمينار تي ڀوپال مان ڪهي ملڻ آيو هو ۽ ان تي فخر محسوس ڪري رهيو هو تہ هو منهنجو استاد آهي. هو ڏيڍ بہ سال کن اڳ گذاري ويو. هن وقت تائين سندس رک گنگا مان لڙهي وڃي سمنڊ تائين پهتي هوندي. ڪيڏا نہ اهي هڏ ڏوکي استاد هئا! انهن مان ڦتي چند ڪلاس مان ڇُٽي ٽيڻ کان پوءِ، ڏهن ڇوڪرن جو اسپيشل ڪلاس وٺندو هو ۽ ان لاءِ هو ڪائي وڏيڪ في نہ وٺندو هو. ايتريءَ ننڍيءَ عمر ۾ هن اسان کي 1857ع واري بلوي تي ڪافي ليڪچر ڏنا هئا ۽ سمجهايو هو تہ آزاديءَ جي بيک نہ ملندي آهي، نہ اها گهہ ڳڙندي ڳتي (ڪُتي) آهي، جا ڳيرو ڪائي سگهن. آزادي ڪاليءَ وانگر خون جي پيتا گهرندي آهي ۽ جڏهن ڌرتيءَ جي خون سان آبياري ٿيندي آهي، ان مان اهي سدا گلاب ٽڙندا آهن،

جي ڪڏهن بہ نہ مرجهائبا آهن. ڌرتي ماتا آهي، ان جي مٽيءَ مان مٿي تي تلڪ ڏيندؤ تہ اهو اوهان جي ماٿي تي چنڊ وانگر چمڪندو. ڪيترن قومپرستن هندن ۽ مسلمانن کي انگريزن جنم ٽيپ ڏئي، انڊمان ۽ نڪوبار ٻيٽن تي قيد ڪري رکيو هو جتي هنن جا هڏا بہ ڳري ويا هوندا، جن کي سج ۽ چنڊ جا ڪِرڻا روز چمندا هوندا. اوهان کي انگريز سامراج کي تهس نهس ڪرڻو آهي، ان لاءِ گانڌي ۽ نهرو جيان مزاحمت ڪريو. آزادي ڏني نہ ويندي آهي، ڇني ورتي آهي. بيڪ ۾ فقط اوير جا ٽڪر ملندا آهن.

هُو 1857ع جو پس منظر بہ ٻڌائيندو هو تہ ڪيئن روٽيون ورهائي پيغام ڏنو ويو تہ انقلاب آڻڻو آهي. هن وير ساورڪر جو ان موضوع تي ڪتاب بہ پڙهيو هو. جڏهن ساورڪر کي انگريز پاڻيءَ جي جهاز ۾ انگلنڊ تي وٺي ويا تہ هو جهاز مان سئيز ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي، مصر جي گهٽين ۾ گم ٿي ويو جتان هو فرانس پهتو هو جتي هن اهو ڪتاب '1857ع' غالباً فرينچ ۾ لکيو هو جو پوءِ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيو هو. ماستر ڦتي چند پوءِ انقلاب جي ڪارٽن تي ٻڌائيندو هو. جيڪي دهلي، ڪانپور، اوڌ، بهار، جهانسي، راجپوتانا، مڌيہ پرديش ۾ ٿيو هو ان جي باري ۾ ٻڌائيندو هو. انگريز بهادر شاهہ ظفر جي ٻن پٽن کي قتل ڪيو هو ۽ پوڙهي بادشاهہ کي نظربنديءَ ۾ رنگون موڪليو هئائون. جهانسي جي راڻي ۽ تانتيا ٽوپي انگريزن کي خوب ٽوٽا چٻايا، پر آخر هو بہ ماريا ويا ها. هندو ۽ مسلمانن جو گڏجي خون وهيو هو ۽ مذهب جي فرق جي باوجود رت جو رنگ ساڳيو ٿيندو آهي.

پوءِ هن ٻڌايو تہ 16 صديءَ عيسويءَ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي خاص تجارتي پروانو ڏنو ويو هو پر آهستي آهستي ڪمپني ديس تي قبضو ڄمائيندي وئي هئي. 1639ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ مدراس فتح ڪيو ۽ 1668ع ۾ ممبئي حاصل ڪيائين، جو هڪ ننڍو ڳوٺ هو. جيستائين 17 صدي پوري ٿي، انگريز سورت کان ممبئيءَ تائين ۽ مدراس کان ڪلڪتي تائين قبضو ڪري ويا هئا. فرينچ قوم جي قبضي ۾ فقط پانڊيچري رهي هئي ۽ پورچو گيزن جي قبضي ۾ گوڊامن ۽ ڊيو. 1676ع ۾ ڦهريون ڏڪ ڪمپنيءَ کي بنگال ۾ هنيو ويو جتي نواب سراج الدولہ ڪجهہ انگريز مرد ۽ زالون جيل ۾ وجهي ڇڏيا. پوري تفصيل تي انگريز ۽ هندوستاني تاريخدان متضاد رايا ڏين ٿا. 1646ع ۾ انگريز. جن ۾ 123 مرد ۽ عورتون

هيون، رُڳهہ ۽ ٻوساٽ ۾ مري ويون. انگريزن ان ڪاري ٻلڪڙي جو پورو پورو فائدو ورتو.

رابرٽ ڪلائيو ڪجهہ سَوَن سپاهين سان گڏجي، نواب سراج الدولہ کي پلاسيءَ جي جنگ ۾ شڪست ڏني. ان کان پوءِ بهانا ڳولي 'ڪلائيو' بهار ۽ اوڙيسا هٿ ڪئي. ان ڪري انعام طور هن کي ٻہ پيرا گورنري ملي. مغلن کي پئسا ڏئي، ڪانئن انهن تي هن قبضي جي اجازت ورتي، جا ڪيس ستن سالن تائين ڏني وئي. جڏهن 1921ع ۾ اهي ست سال ختم ٿيا، تڏهن ڪمپنيءَ انهن صوبن تي پنهنجي سلطنت قائم ڪري ڇڏي. هندوستان ڦري لٽي ڪلائيو گهر موٽي ويو. هن تي سندس ضمير ايتري ملامت ڪئي، جو هن خودڪشي ڪئي. ان وچ ۾ انگريزن مدراس جي چوڌاري پنهنجي حڪومت مضبوط ڪئي. هنن مرهٽن سان معاهدو ڪيو هو جو ختم ڪيو ويو ۽ 1782ع ۾ هنن کي وعده خلافيءَ جي سزا ڏني وئي. 1767ع، 1780، 1790-94ع ۾ حيدر عليءَ ۽ ٽيپو سلطانَ انگريزن کي ٽوٽا چٻايا ها. مون ٽيپو سلطان جو پنهنجي نظمن ۾ ذڪر ڪيو آهي. تازو مون ٽيپو سلطان جي تلوار (The Sword of Tipu) انگريزيءَ ۾ هڪ عاليشان ناول پڙهيو اهو تحفي طور منهنجي دوست لڇمڻ ياتيا مون کي جئپور ۾ ڏنو هو. اهو ناول ڀڳوان گدواڻيءَ لکيو آهي، جو 1923ع ۾ ڪراچيءَ ۾ جائو هو ۽ چوئٿرام گدواڻيءَ جو ڀائيٽو آهي، جيڪو انڊين نئشنل ڪانگريس آف سنڌ جو صدر هو ۽ جي. ايم. سيد جو دوست هو ۽ جنهن سان ۽ جي. ايم. سيد جي منظور نظر ڄيٺي سپاهي ملاڻيءَ سان منهنجي ملاقات پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ڪراچيءَ واري فليٽ ۾ ٿي هئي. تڏهن مان ٻي. اي جو شاگرد هوس. ان ڪتاب تي ڪافي محنت ۽ ريسرچ ٿيل آهي. ان ۾ لکيل آهي تہ جڏهن لارڊ ويلسليءَ ميسور تي گهيرو ڪيو، تڏهن ٽيپو سلطان، نئپولين بونا پارٽ کي مدد لاءِ خط لکيو هو. نئپولين خط جو جواب لکيو جيڪو ناول جي صفحي 313 تي ڏنل آهي. نئپولين اهو جواب مڪي جي امير ذريعي موڪليو جيڪو جدي ۾ پڪڙجي پيو هو. ٽيپو فرينچ انقلاب ۽ نئپولين جو مداح هو. پوءِ انگريزن، مرهٽن جي ٻڌيءَ کي ڊانو ۽ هڪ هندو راجا کي ميسور جي تخت تي ويهاريو. مون جنگ آزاديءَ جي عظم هيرو نانا صاحب تي منوهر مال گونڪر جو ناول "شيطاني طوفان" (The Devil's Wind) بہ پڙهيو

ڪٿي نہ پہچبو تہ ڪَ مسافر
آهي.

برما 1814ع کان ڪجهہ سال پوءِ فتح ڪئي وئي. افغانن جو 1842ع تائين زور ٽٽو پر هنن کان حڪومت کسي نہ وئي.

1839ع کان 1843ع تائين سنڌ کي فتح ڪيو ويو. جيڪي بہ محب وطن ان جنگ ۾ ماريا ويا. انهن مان هوشو شيديءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ قبر جو نشان نہ مليو آهي. آخر ۾ 1849ع ۾ سکن کي شڪست ڏني وئي ۽ انهن کان اڌ سلطنت کسي وئي. ٿتي چند پوءِ 1857ع تي بلوي جي باري ۾ پڙهائيندو هو ۽ چوندو هو تہ اها انقلاب ۽ آزاديءَ لاءِ پهرين جنگ هئي، جيڪا ناڪامياب ٿي هئي. انگريز ڪھڙي بہ جک مارين، پر اها جنگ آزاديءَ لاءِ هئي. اهڙيءَ جنگ ۾ ليڪا چوڪا نہ ٿيندا آهن تہ ڪير ڏوهي ۽ ڪير بيڏوهي ماريا ويا. باهہ اهو نہ ڄاڻندي آهي تہ ڪهڙو ڪانو سُڪو آهي ۽ ڪهڙو ڪانو آلو آهي! ڪاليءَ جي تلوار کي رت جي پياس آهي. رت، رت آهي، پوءِ بي گناهہ جو هجي يا گنگهار جو. ٿتي چند 1857 کان وٺي 1931ع تائين اسان جي تاريخ ۾ چا ٿيو آهي، اسان کي پڙهائي چوندو هو تہ اها خوني جنگ ايندي، جنهن ۾ رت جا درياهہ وهندا ۽ جن ۾ انگريزن جا ايترا لاش هوندا جو انهن کي ڪاڻڻ لاءِ مانگر مڇ بہ نہ ملندا. هن کي اها خبر نہ هئي تہ انگريز تہ ڦرلٽ جو مال ڪٽي وڃي لنڊن وسائيندا. نهرو جنهن ڪرپس مشن پلان نہ پئي قبوليو ليڊي مائونٽ بيٽن جي عشق ۾ ورهاڱو قبول ڪندو ۽ هندو مسلمان ۽ سک هڪ ٻئي کي ڪپي ماريندا ۽ ايترو رت وهندو جو هيءَ ڌرتي گهٽ ۾ گهٽ ويهينءَ صديءَ جي خاتمي تائين ڌوئي نہ سگهندي.

ڪيئل داس فاني، جيئن مون اڳ چيو هو منهنجي شاعري درست ڪندو هو ۽ مون کي بحر وزن بہ سيکاريندو هو جو مون ڪجهہ مهينن ۾ سکي ورتو.

سائين هاسانند مون کي ٽئين درجي ۾ انگريزيءَ ۾ پڙهائيندو هو ۽ هن ئي مون کي انگريزي ادب سان روشناس ڪرايو هو. ان وقت مون کي شيلي جي نظم جو هڪ بند هر هر ياد ايندو هو جيڪو هاسانند مون کي لکايو هو:

The desire of the moth for the star
Of the night for the morrow
The devotion to some thing a far
From the sphere of our sorrow.

(پرواني جي ستاري لاءِ تمنا
رات جي ڏينهن لاءِ
ڪنهن ڏورانهين شيءِ لاءِ پنهنجي عقيدت
پنهنجي غم جي دائري مان.)

مان شيلي کان تہ گهڻو اڳتي نڪري چڪو آهيان- پر اهو شعر منهنجي روح ۾ واسو ڪري ويو آهي. مصحفيءَ جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي:

*چلی چلی بھی جا جرسِ غنچہ کی صدا پہ نسیم*
*کہیں تو قافلۂ نو بہار ٹھہرے گا.*

(اي هوا! ان سنک جي آواز تي هلندي رهہ.
ڪٿي تہ نئين بسنت جا پانڌيئڙا ترسندا.)

هاڻي وري نيو ايرا اسڪول ڏانهن. اسان جا بہ ماستر ڏني چند بودارام پوڄراج، پريم چند گانڌي هوندا هئا.

ڪَبوءَ نالي هڪ ڇوڪري هوندي هئي، جنهن جو گهر سائينءَ جي اوتاري ۾ لکي در جي وچ تي هو. هن کي اڇا ڪبوترائي ڳل هوندا هئا. مان جڏهن بہ هن جي گهر وٽان لنگهندو هوس تہ هوءَ ۾ هن جي وڏي ڀيڻ وائک لاءِ ڏاڪڻ مٿان ٺهيل چبوتري تي، ڪرسيون وجهي ويٺيون هونديون هيون. سن ستيتاليهہ جي شروعات ۾ پاڪستان ٺهڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ مون کي ۽ هڪ ٻئي ڇوڪري کي ماستر پوڄراج چيو: ”هيڊ ماستر مينگهراج جي گهر ويڃو ۽ اندر وڃي سڌو هن جي ڪمري ۾ هليا وڃو.“ هن جي گهر جو ٻاهريون دروازو کليل هو ۽ پهرين ماڙ تي سندس زال ماني پچائي رهي هئي ۽ سيخن واري ڪنهڙي مان نظر اچي رهي هئي. انهيءَ جا ساري عمر ڦلڪا ويليندي، وار اڇا ٿي ويا ها، ڇڻ انهن تي ڪنهن اڻ ڳوٿل اٿو هاريو هو. اسان سڌو اندر ڪمري ۾ هليا وياسين، جيڪو هال وانگر هو. ڏٺوسين تہ ڪبوءَ جي وڏي ڀيڻ، جا ڀرپور جوانيءَ تي رسي چڪي هئي ۽ جنهن جو اڇا ڪنهن سگ نہ ورتو هو. مينگهراج جي ڪڇ ۾ پئي هئي ۽ مينگهراج هن مان سيتا ڦل پٽيندو، ٽوڪرو ڀريندو ٿي ويو. اسان کي ڏسي ٻئي ڇرڪي ويا ۽ جيئن پٽر لڳڻ سان ڪبوتر ۽ ڪبوتريءَ جي ڳٽ ڳٽ بند ٿي ويندي آهي ۽ هو ڇڇهري تان پٽ تي لهي ايندا آهن، هو ٻئي چپ ٿي ويا. مون کي وڏيڪ ڏڪڪو آيو ۽ پنهنجي ماستر پوڄراج تي ڪاوڙ آئي.

مان مينگھراج وٽ ويندو هوس ۽ شانتيءَ سان منهنجي ڏيٺ ويٺ هئي. هڪ ڀيري هوءَ اسٽيشن تان موٽي آئي تہ زار زار روئي رهي هئي ۽ چيائين: "بابا، هاڻي اسان هتي نہ رهي سگهنداسون. مان ساهيڙيءَ کي ٽرين تي چڙهڻ وئي هئس، جو هوءَ ۽ هن جو ڪٽنب مدراس پئي لڏي ويا. جڏهن ٽرين هلي تہ مان پليٽ فارم تي اڪيلي رهجي ويس. اتي ٻن مسلمان غنڊن اچي مون ۾ هٿ وڌا ۽ مون رڙيون ڪري پاڻ ڇڏايو. پر اها ڳالهہ 1947ع کان پوءِ جي ڳالهہ آهي، جڏهن مان ايل. ايل. بي پاس ڪري چڪو هوس ۽ ابراهيم جويي جي سفارش تي، هڪ ڊپٽي سيڪريٽريءَ مون کي سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڏني هئي. مان موڪل تي شڪارپور ۾ آيو هوس. تڏهن مان مينگھراج جي گھر ويو هوس ۽ منهنجي موجودگيءَ ۾ هن جي ڌيءَ مٿين شڪايت ڪئي هئي.

ان تي مينگھراج چيو هو: "پٽ هن کي ڪراچيءَ وٺي وڃ ۽ اتي پاڻ جهڙي ڪا نوڪري وٺي ڏينس. مان چاهيان ٿو تہ پنهنجي پُٽ آنند کي بہ ڪنهن مسلمان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرايان ۽ پاڻ بہ مسلمان ٿي وڃان."

تيستائين مان پڪو انقلابي ٿي چڪو هوس. مون کي هن تي رحم اچي ويو ۽ خاموش ٿي ويس. ٻئي ڏينهن مان ڪراچيءَ واپس موٽي آيس. جڏهن وري ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شڪارپور آيس تہ خبر پئي تہ مينگھراج، آنند ۽ شانتيءَ سميت هندوستان جي ڪنهن شهر ڏانهن هليا ويا ها. مون ڏٺو تہ ڏاڍو زور سان طوفان ٿو لڳي ۽ ساوا ۽ ڪڪا پن اڏامن ٿا. ڪجهہ ٻوٽا جهڪي وڃي ڌرتيءَ سان لڳا آهن ۽ اڌ مان ٽٽي پيا آهن. پر اها ڪجهہ وقت پوءِ جي ڳالهہ آهي.

مان پنجين درجي ۾ پهريون نمبر پاس ٿيو هوس ۽ نيو ايرا اسڪول ڇڏي، گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ ڇهين درجي ۾ شامل ٿيو هوس. نيو ايرا اسڪول پوري برصغير ۾ ورلي ٿيو هوندو. مان جڏهن چوٿين درجي ۾ هوس، تڏهن اسان ڪنهن هندو سيٺ جي باغ ۾، جيڪو سنڌ واهہ ڏانهن ويندڙ رستي تي هوندو هو ماڪ (Mock) پارليامينٽ ڪندا هئاسين. جنهن ۾ رام جيٺملاڻي پرائيم منسٽر ٿيندو هو ۽ هري يا پگوان آپوزيشن جا ليڊر ٿيندا ها. (انهن جي ذات وسري وئي آهي) ۽ ٻيا ڪئبنيٽ جا ميمبر ٿيندا ها. رام اٺويهين ورهين ۾ ڪراچيءَ مان ايل. ايل. ايم ڪئي هئي ۽ اي

ڪي بروهيءَ جو جونيئر هوندو هو. مون پاڻ اي ڪي بروهيءَ جي بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ واري آفيس ۾، هن جي ميز جي شيشي هيٺان رام جو فوٽو رکيل ڏٺو هو. جڏهن مان 1963ع ۾ ممبئي ويو هوس تہ هن ڪي تاج محل هوٽل ۾ چار ڪمرا هوندا ها، جن مان ٻن ۾ هو پاڻ رهندو هو ۽ ٻن ۾ آفيس ڪندو هو. هن مون کي مانيءَ تي بہ گهرايو هو پر ان ڏينهن منهنجي دهليءَ لاءِ رزرويشن ٿيل هئي، جنهن ڪري هن جي دعوت تي وڃي نہ سگهيو هوس. ان کان پوءِ آل انڊيا بار ڪائونسل جو پريزيڊنٽ ٿيو هو. ڪجهہ وقت پوءِ وزيراعظم اندرا گانڌيءَ سان تڪرار ٿيڻ ڪري آمريڪا هليو ويو هو. هن پارٽ جي پريزيڊنٽ لاءِ بہ گياني ذيل سنگهہ خلاف چونڊ وڙهي هئي.

جڏهن 27 سالن کان پوءِ مان هندوستان ۾ ’شاهہ سچل سامي‘ سيمينار تي ويو هوس، تڏهن هو پرائيم منسٽر وي. پي. سنگهہ جي پارٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ هو ۽ ڪيسن جي سلسلي ۾ دهليءَ ويل هو. وقت چهرا بہ مٽائي ٿو ڇڏي نہ ڄاڻان تہ هو، هن وقت منهنجي صورت بہ سڃاڻي سگهندو يا نہ ۽ نہ ئي مون کان هن جي صورت سڃاتي ويندي! اصغر گونڊويءَ جو هڪ شعر آهي، جيڪو ننڍي هوندي کان مون کي پسند آهي:

جو نقش ہے ہستی کا دھوکا نظر آتا ہے
پردے پہ مصور ہے تنہا نظر آتا ہے
لو شمع حقیقت کی اپنی ہی جگہ پر ہے
فانوس کی گردش میں کیا کیا نظر آتا ہے

(جو بہ هستيءَ جو نقش آهي، نظر جو ڌوکو لڳي رهيو آهي،
پردي تي مصور ئي هيڪلو نظر اچي ٿو.
ڏسو حقيقت جي شمع پنهنجي ئي جاءِ تي آهي.
فانوس جي گردش ۾ ڇا ڇا نہ نظر اچي ٿو.)

وري بہ سال پُٺ تي. ٻئي درجي انگريزيءَ ۾، مان، هوند راج داس ۽ ٻهاري ڇاٻڙيا، جيڪي گڏ ساڳئي اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين، گڏجي هڪڙو رسالو ’سُدرشن‘ جي نالي سان ڪڍيو هو. هوند راج داس، جو افسانہ نويس هو، تنهن کي رسالي جي ايڊيٽرشپ جو شوق هو. ان ڪتاب ۾ منهنجو پهريون نظم شايع ٿيو هو. اهو خليل مورياڻيءَ جي ڪتاب ’شڪاپور‘ ۾ ڇپيل

ڏنو اٿائون. هوند راج داس, ايسرداس جو پٽ هوندو هو ۽ ذات جو چگهہ هو. هن جي اباڻي جاءِ سائينءَ جي اوتاري ڪان ٻن چئن قدمن تي هوندي هئي. هو ڪنهن هيڊ ماستر جي ڌيءَ ديا وٽ مون ڪي وٺي هلندو هو جا مون ڪي ڏاڍي وڻندي هئي. هو اوچتو شڪاپور مان ڪراچيءَ هليو ويو ۽ اتان روزاني ”سنسار سماچار“ ۾ ’ڪڙڪبيتي‘ جي نالي سان مزاحيہ ڪالم لکندو هو. هن جو پٽ مون سان ممبئيءَ ۾ سيمينار تي مليو هو ۽ هن تي لکيل ڪتاب ’گپ شپ‘ ڏنو هئائين. هوند راج ڪي مزاح جو چڱو حِس هوندو هو. بهاري ڇاٻڙيا 1947ع ۾ ’زندگي‘ ۾ منهنجا ڪجهہ نظم ڇپيا ها. هو اڳئين ڀيري بمبئيءَ ۾ مون سان ملڻ لاءِ هوٽل ۾ آيو هو. هو دنيا جي ارب پتي هندوجا جو سؤٽ يا ڀائيٽو هو. مون ڏنو تہ هو ٿتي ڇڪو آهي. هو فيڊر باٽل مان ٻار وانگر کير پي رهيو هو. هن زار زار روئندي مون کي چيو تہ: ”مون کي تنهنجو اهو شعر ياد ٿو اچي, جو مون ’زندگي‘ جي پوئين پرچي ۾ ڇپيو هو.“

”ڪهڙو شعر؟“

”نہ وِســام, وسام, وسام نہ تون
اي لنوَ جي لاٽ, وسام نہ تون.“

”اسان تہ هندوستان ۾ اچي رُلي ويا آهيون. تو تہ اسان جي پريس ۽ لکيدر جي ونگ وٽ چؤماڙ جاءِ ڏني هئي؟ هتي منهنجي چاچي هندوجا جهڙا ماٺهو ارب پتي ٿي ويا ۽ اسان عام شرنار ٿي رلي وياسين.“ هن چيو. مون کي لفظ نہ هئا, جو هن کي دلجاءِ ڏيان.

سمنڊ جون ڇوليون مون کي ڪيترو پري ٿيون ڌڪي وڃن ۽ ورائي ڀير ٻوڙ پاڻيءَ تي ٿيون ڦٽو ڪن!

13 ورهين جي عمر ۾ زرينا بہ اسان جي پاڙي جي ٻين ڇوڪرين وانگر پردو ڪندي هئي ۽ گهر کان ٻاهر نہ نڪرندي هئي.

مون هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي, ڏاڍا عشق ڪيا, جن پوءِ منهنجي شاعري ڪيتري وقت تائين اتساهي. عشق شاعريءَ جي وڻ لاءِ ڪاٺ وانگر ٿيندو آهي. هاڻي مون کي شاعريءَ تي ايترو عبور هيو جو ڪنهن جي مدد جي ضرورت نہ هئي. مان علامہ اقبال جا اردوءَ ۾ ڪتاب ’بانگ درا‘, ’بال جبريل‘, ’ضرب ڪليم‘ ۽ سندس فارسيءَ جا ڪتاب ’پيام مشرق‘, ’ارمغان

حجاز‘، ’اسرار خودي‘، ’رموز بي خودي‘، ’پس چہ بايد ڪرد اي اقوام مشرق‘ ۽ ’جاويد نامہ‘ پڙهي چڪو هوس. زرينا جي مامي واجد عليءَ مون کي هن جو انگريزيءَ ۾ ڪتاب Reconstruction of Religious Thought in Islam بہ ڏنو هو.

مون جوش مليح آباديءَ جو ’شعلہ و شبنم‘ بہ پڙهيو هو جو تن ڏينهن ۾ مون کي شيخ واجد عليءَ، آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪانفرنس تان موٽندي، دهليءَ مان آڻي ڏنو هو. تن ڏينهن ۾ مون داغ دهلويءَ جو ديوان، ديوان ذوق، ديوانِ غالب، ديوان ظفر وغيره اردوءَ جا ڪلاسڪ پڙهيا ها. منهنجن مائٽن وٽ اردو رسالا، عالمگير، نيرنگ خيال، دين و دنيا، ادبي دنيا، ساقي وغيره ايندا ها، جن ۾ ان وقت جي چوٽيءَ جا اردو شاعر لکندا ها. گڏوگڏ مون سنڌيءَ ۾ ديوانِ سانگي، ديوانِ فاضل، ديوانِ قاسم، ديوانِ خاڪي ۽ ديوانِ واصف وغيره بہ پڙهيا ها ۽ ائين لڳندو هو تہ اهي اردو شاعريءَ جا نقال ها. جمعيت الشعراءَ سنڌ جي ماهوار رسالي ’اديبِ سنڌ‘ ۾ مشاعرن ۾ پڙهيل ڪلام جو انتخاب پڙهي، مون کي ڪيڏ ايندي هئي. ان ۾ مصرع طرح سان گڏ قافيو ۽ رديف بہ ڏيندا ها. مثلاً جوابِ خالص، ڪباب خالص، شراب خالص، جلاب خالص ۽ سڄو وقت ان تي ضايع ڪندا ها تہ هن شعر ۾ بندش آهي يا نہ.

مون کي ’بيوس‘ جي هيٺئين شعر جهڙا شعر وڻندا ها:

”ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون بہ رهہ مان پيي رهان،
آڻ من ورتيءَ ۾ ڦيري، تون بہ رهہ مان پيي رهان.“

لطف الله جوڻيجيءَ جي باري ۾ تہ مان اڳ ئي، ”جڳ مڙيوئي سپنو“ ۾ لکي چڪو آهيان، ان ڪري هن تي وڌيڪ نہ ٿو لکان. هڪ پيري غلام حسين جهلڻ جي هاٿيدر واري پريس ۾ وينا هئاسين تہ هو مجتهد ۽ مجدد ۾ فرق سمجهائي رهيو هو. ”مار تون تہ....“ مون دل ۾ سوچيو. جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين تہ لعل محمد احمر مون کي هن سان ملائڻ لاءِ وٺي هليو هو ۽ هن ’اسرار خودي‘ جي طرز تي فارسيءَ ۾ پنهنجي مثنوي مون کي ڪلاڪ ڪن پڙهي ٻڌائي هئي تہ علامہ اقبال تان ئي ارواح ڪڇي ويو هو.

مون زيب لاڙڪاڻوي ۽ صنعت شڪارپوري جا فارسي ديوان بہ پڙهيا

ها. اهي چڻ مشهور فارسي شعراءَ تان قافيہ، رديف وٺي لکيا ويا ها. مشهور ايراني شاعر شهريار کان ڪنهن هندوستان ۾ پڇيو هو تہ: ”تنهنجو غالب جي فارسي شاعريءَ جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟“ جواب ڏنو هئائين: ”بوءِ دال مي آيد.“ (دال جي بوءِ ٿي اچي.) اهو جواب غالب جي باري ۾ تہ غلط ٿي ٿو سگهي، پر زيب لاڙڪاڻوي ۽ صنعت شڪارپوريءَ جي باري ۾ صحيح آهي.

اهو ڪاليج جو دؤر هو. مان وري پٽ تي اوپارو ٿو تران. ڇهين درجي ۾ مَنوءَ ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ جي سِر سِر منهنجي بوٽ جي ڄاٽو سڄاٽو ٿي وئي هئي. ان تي مون کي والٽ وٽمئن جون ڪجهہ سٽون ياد اچن ٿيون:

”ڪامريڊو! هي ڪتاب نہ آهي،

هن کي جيڪو ڇُهي ٿو انسان کي ڇُهي ٿو.“

والٽ وِٽمئن جي دخل در معقولات کي پاسي رکي، مان پنهنجي دوست عبدالقادر مطلباڻيءَ کي ياد ڪريان ٿو جيڪو مون سان گڏ پڙهندو هو. مَنوءَ جي گهر وٽان لنگهندي، منهنجو پنڌ هاٿي در اندران، ساميءَ جي پاڙي جي ڀِئي پاسي، عبدالقادر جي گهر تي ڪٽندو هو. سامي انهيءَ خيالات جو تسلسل هو جي هندوستان ۾ ڀڳتي تحريڪ سان شروع ٿيا هئا. هندوستان ۾ ٻجرياني سڏ ۽ ناٿ پنٿي، مذهبي رسمن ريتن کان بيزار ٿي چڪا ها. هُو تيرٿ ياترا، اشنان، بت پرستي، مندرن جي ياترا کي فضول سمجهندا ها. ان تحريڪ ويشنو ڌرم جي ٻٽايل ساري تاڃي پيٽي کي ڏاڍا ڏاڍا ڪري ڇڏيو هو. ويدانيت جو اثر عام ٿي ويو هو. گيتا، اپنشدن ۽ ٻين ڌرمي پستڪن تي ٽيڪا ٽپڻيون لکيون ويون هيون. پر عوام، جن جي سمجهہ ۾ اِهي نہ ٿي آيون، دانشور طبقي کان دور ٿي چڪا هئا.

فتز جيرالڊ جي لفظن ۾ :

”هڪ دروازو هو جنهن جي ڪنجي مان ڏسي نہ ٿي سگهيس.“

ڀڳتي تحريڪ ۾ مخالف قوتن کي للڪارڻ جي همت نہ هئي. هندو ان وقت مسلمانن جي يلغارن جو مقابلو ڪري نہ ٿي سگهيا. ڀڳتي تحريڪ جيتوڻيڪ انهن کي پنهنجي حالتن کي برداشت ڪرڻ جي طاقت ڏني، پر غور سان ڏسبو تہ اها روحاني فرار ۽ گريز جي تحريڪ هئي.

ڀڳتيءَ جو فلسفو رامانند سان سنبت 1073ع ۾ شروع ٿئي ٿو. رامانند

جي مشهور چيلي رامانج وري ويشنو تحريڪ کي اُپاريو ۽ پوءِ ڪرشن ڀڳتي ۽ رام ڀڳتيءَ جون تحريڪون شروع ٿيون. ڀڳتي تحريڪ جو مقصد عوام ۾ روحانيت ۽ مذهب جي باري ۾ عقيدت کي اتساهڻو هو. چوته اها عقيدت عوام جي اندر ۾ لڪل هئي. ڀڳتي تحريڪ جا ٻه حصا هئا: هڪ اهو جو نرگن ۽ نرآڪار ۾ ويساهه ڪندو هو ۽ ان کي نرگن واد چيو ويو جنهن تي اسلامي تعليم جو اثر هو. ڪبير ڀڳت ۽ ملڪ محمد جائسيءَ جي شاعريءَ ۾ انهيءَ سوچ جون جهلڪيون آهن. نرگن ڀڳتيءَ جي پس منظر ۾ ويدانيت، تصوف ۽ اسلام جي خدا جو تصور آهي. رامانند جي ويشنو خيالن ۾ جي اصطلاح ۽ علامتون آهن، اهي تانترڪ يوگين سان ملن ٿيون.

ٻيو حصو انهن جو هو جي مورتي پوجا ۾ ويساهه ڪندا هئا ۽ انهن جي تحريڪ کي رام ڀڳتي چيو ويو هو. مهاراشترا، بينگال ۽ ڪشمير ۾ ڀڳتي تحريڪ عام ٿي. ڪرشن ڀڳتيءَ ۾ خاص ڪري چيتنيه جو نالو بنگال ۾ مشهور ٿيو ۽ هن جي ڪيرتن ۾ ڪرشن سان بي پناهه عقيدت هئي. مون ڪافي سال اڳ هن تي فرانسيسي اديب رومين رولان جو ڪتاب پڙهيو هو. رامانج اتر هندستان ۾ رام ڀڳتيءَ ۽ ڪرشن ڀڳتيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. شنڪر آچاريه دنيا کي مايا ڪوٺيو هو جنهن جو اثر ساميءَ تي به گهڻو پيو هو. پر رامانند به دنيا کي مايا ڪوٺيو ۽ ان جي پٺيان سچ کي ايشور چيو. هو ان خيال جو هو ته ڀڳتيءَ وسيلي ماڻهوءَ جي اُنتي (نجات) تائين رسائي ٿي سگهي ٿي. ساميءَ جي دؤر ۾ ڀڳتي تحريڪ سنڌ تائين پهچي چڪي هئي. ساميءَ چيو هو ته: ”ڪيٿي ۽ ڪنچر ۾ پسي هڪ ڏٺي.“ هنديءَ ۾ ڪيٿي ڪِئليءَ کي ۽ ڪنچر هاٿيءَ کي چوندا آهن. شنڪر آچاريه ايشور کي مختلف صورتن ۾ ڏسڻ جي هدايت ڪئي هئي ۽ هُو بت پرستيءَ جي خلاف هو. جيتوڻيڪ رامانند جي تعليم هندو ڌرم جي پراڻين ريتن رسمن تي ٻڌل آهي، پر ان به ذات پات جي مخالفت ڪئي آهي.

پربلڀ آچاريه چيو هو ته :”رام ۽ ڪرشن، ايشور جو اصل روپ آهن.“
شنڪر آچاريه چيو ته :”ايشور جي اصل روپ کي ڪائي شڪل ناهي.“

پربلڀ آچاريه جي پرچار جي اثر هيٺ ڪيئي ديوداسيون به هن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويون. اهي ڪافي عالم فاضل هيون. انهن مان هڪ ديوداسي اندل هڪ هنڌ لکيو آهي:”هاڻي مان پوري جوڀن تي آهيان، پر

ڪرشن جيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پتي نہ ٿي مڃيان.“

اهائي روايت اسان کي ميران ٻائيءَ ۾ ملي ٿي.

عيسائيت ۾ بہ سينٽ تيريسيا ۽ ٻيون راهبائون هيون، جي مسيح سان ساڳيءَ طرح عشق ڪنديون هيون. ان کان پوءِ نرگن واد تحريڪ ڪبير شروع ڪئي. سردار جعفريءَ جو چوڻ آهي تہ ڪبير مسلمان هو ۽ ذات جو جولاهو (ڪوري) هو. ڪبير خدا جي وحدت جو قائل هو. سردار جعفريءَ وڏيڪ لکيو آهي: ”روميءَ دولت کي هڪ ڪُلاهہ سان تشبيهہ ڏني، جنهن ۾ گنجو پنهنجو مٿو لڪائيندو آهي.“ اڳتي هن لکيو آهي:”ڪبير چيو آهي تہ: مايا سورنهن سينگار ڪري، پنهنجي مست اکين جي لال تلوار سامهون آڻي ٿي. هوءَ شاعر کي پنهنجو پتار (پوتار) ڪوٺي مخاطب ٿئي ٿي تہ ڪبير طنز سان چوي ٿو:”اسان جي ذات جولاها آهي ۽ نانءُ ڪبير آهي. تو اسان کان ڪڏهن پڇيو ناهي. تون اتي وڃ جتي تخت وڇايل آهي، باغ ٽڙيل آهن، اناج جون ٻوريون ڀريل آهن. ريشم جي ڪوٽ نہ آهي ۽ اگر بتيون چندن جون آهن، تون اسان وٽ ڇا ڪندينءَ؟“

”مايا مها ٺڳي آهي، ڪنور شڪاري آهي... ڪپڙن لاهي ڇڏڻ سان يا پنهنجن پنجن ئي حواسن قتل ڪرڻ سان يا پهاڙن ۾ ويهڻ سان ۽ جهنگ ۾ ڀٽڪڻ سان ڀڳوان نہ ٿو ملي، ڀڳوان تہ ان تي ريجهي ٿو جنهن جي دل ۾ ديا آهي، ڌرم آهي ۽ جو پاپ کان پاسو ڪري ٿو جو جڳ ۾ رهي، جڳ کان اداس آهي ۽ سردار جعفريءَ جي اردو ٻوليءَ ۾: ”جو هر ذي حيات کو اپني طرح جانتا هي، اسي کو حَيُ اور قيوم ملتا هي.“

نرگن واد اسلام جي ڪيڏو ويجهو اچي چڪو هو اهو ڪبير جي دوهن مان صاف ظاهر آهي. ”ڪبير، منصور وانگر ’انا الحق‘ تہ نہ ٿو چوي، پر ’انا الحق‘ جو پورو جذبو هن ۾ موجود آهي.“ هو چوي ٿو:

*نرگن کے آگے سرگن ناچے، باجے سُو کھنگ تورا*

يعني، ”ذات جي سامهون صفات نچي رهي آهي ۽ انا الحق جو ساز وڄي رهيو آهي.“

ساميءَ بہ مايا لاءِ، ’مايا ڏائڻ ڏندري‘ يا ’مايا ڏوتي‘ چيو آهي ۽ وحدت جو اپديش ڏنو آهي. ان ڪري هو شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست کان پوءِ سنڌ

جي ادبي تہ - مورتي ۾ ڪُپي اچي ٿو.

ساميءَ جي گهر وٽان ٿي، مان پنهنجي دوست غلام قادر جي گهر وڃان ٿو جنهن لاءِ زيبو گهر جو تاڪ کولي واجهائي رهي آهي. زيبو هڪ زيتوني رنگ واري پرٽيل چوڪري آهي، جا پنهنجي مڙس سان ناراض آهي. هن جو مڙس ڪم تي ويندو آهي تہ عبدالقادر ساڻس ملاقات ڪري ايندو آهي. هن جو قد وچولو ۽ ڳلن تي ڪنڊڙا ڪاڪل آهن. هٿن پيرن کي مينديءَ ۽ چپن تي مساڳ لڳل اٿس. هوءَ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪري، سڏ تي ڪري، 'قادر' تہ جڻ بنسريءَ مان آواز اچي ٿو. مون کي ايندو ڏسي هوءَ در جو تاڪ ہوتي چڙي ٿي. مان قادر کي گهران سڏي چوان ٿو تہ، "زيبو سڏئي ٿي."

"تو زيبو چڱيءَ طرح ڏٺي. هن کي بمبئيءَ جي ڪيلي جهڙو بدن ۽ ناگپور جي نارنگيءَ جهڙا مٺا چپ آهن. تون هن کان چمي وٺندين؟"

مانِ لڄي ٿي هن کي چوان ٿو تہ: "مون هن وقت تائين ڪنهن کان چمي نہ ورتي آهي."

"تون بالغ ٿيو آهين!"

"بالغ ڇا آهي؟"

هن ٽهڪ ڏئي چيو: "پاڻ ئي اوچتو پتو پوندئي." ڇهين مهيني کان پوءِ مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجي پڪل ليارن جي ڇڳي تي لت اچي وئي آهي.

مون زيبوءَ جهڙين ٽي چار چوڪريون ڏٺيون آهن. ساڳيو وچولو قد، اهڙو بدن جنهن منهنجا هٿ ريشمي ڪري ڇڏيا ها. ڪٿيءَ جي ڪنپ تي ڪپڙي وانگر منهنجي لونءَ لونءَ ڪڙي تي وئي هئي. هڪ هاڻي در جي پريان سنڌ جي پهرين جديد شاعره*. ٻي مستري عبدالله جي پاڙي ۾ ٽين هڪ حجمياڻيءَ جي نُنهن، جا اسان جي پاڙي ۾ رهندي هئي ۽ چوٿين منهنجي هڪ مرحوم دوست جي سنگ ۾ هئي ۽ جا ضرورت سبب جسم فروشي ڪري رهي هئي. ڇا اهي سڀ ئي هڪ ئي ڪالب ۾ ٺاهيون ويون هيون؟ ڇا اهي سڀ هڪ پيءُ جون ڌيئرون هيون؟ مون کي ان تي آرٿر ڪوئسلر جي ڪتاب 'ڪار تخليق' (The Act of Creation) مان هڪ لطيفو ٿو ياد اچي: تفريح ڪندي روس جي زار جي هڪ شخص تي نظر پئي، جو هوبهو

---

* روشن آرا مغل

هن جهڙو ٿي لڳو. هن ان شخص کان پڇيو: "تنهنجي ماءُ اسان جي محل سرا ۾ ڪم ڪندي هئي؟" "نہ." هن وراڻيو: "منهنجو پيءُ ڪم ڪندو هو." شايد اهي چارئي عورتون، ڪنهن حملي آور مغل جي جينيات جو چٽڻ عورتن سان جماع جو نتيجو هيون ۽ پيڙهي بہ پيڙهي ساڳي صورت ۾ وري وري ٿي پيدا ٿيون.

مٿيون آرٿر ڪوئسلر جو لطيفو پڙهي، مون کي ڏاڍا ٺهڪ آيا ها. ائين تہ مان ورلي ٺهڪ ڏيندو آهيان، پر ڪالهہ ستار پيرزادو منهنجو ڪتاب 'ڪٿي نہ پيچبو ٿڪ مسافر' نقل ڪري رهيو هو تہ، پرک رسالي جو ايڊيٽر نثار منصور ۽ جناب عبدالحميد ابڙو اچي نڪتا. (عبدالحميد ابڙو نہ صرف سيشن جج آهي، پر منهنجو ۽ اي ڪي. بروهيءَ جو مداح بہ آهي. هو وسيع مطالعي وارو شخص آهي.) ڳالهين ڪندي نثار منصور چيو تہ: "سائين مون بہ سنڌي ڪتاب، جيڪي اوهان کان ورتا ها، فوٽو اسٽيٽ ڪرائي رکيا آهن. هاڻ ستيش روهڙا جو ڪوئي ڪتاب هجيوَ تہ ڏيوم." مون هن کي چيو: "پهرين اڳيان ڪتاب موٽاءِ." ان تي عبدالحميد ابڙي هڪ لطيفو حڪيم رازيءَ جو ٻڌايو: "هڪ شخص حڪيم رازيءَ وٽ آيو ۽ پڇيائينس تہ: "اوهان وٽ ماکي آهي؟"

هن هڪدم وراڻيو: "هائو چاليهہ سال پراڻي."

ان شخص چيس تہ: "مون کي ڏهہ ڦڙا ماکي گهرجي، اوهان ڏيوم."

ان تي حڪيم رازيءَ وراڻيس: "جي مان ڏهہ ڏهہ قطرا ماکي جا هر سواليءَ کي ڏيان ها تہ هيءَ ماکي چاليهہ سال پراڻي ڪيئن هجي ها!"

اسان سڀني کي بيساختہ کل اچي وئي، جا بدمزگيءَ جي هر امڪان کي ريٽي وئي. ائين تہ ڪيئي لطيفا منهنجي زندگيءَ ۾ آيا آهن، جي موقعي ۽ مهل تي ڏيندس، پر عبدالحميد ابڙي چيو تہ: "ائين جي اياز صاحب ڪتاب ڏيندو اچي ها تہ ايترا ڪتاب ڪيئن ڪٺا ٿين ها!"

هاڻي رات جا ٻارنهن وڳا آهن. ڪوشش سان بہ ننڊ نہ ٿي اچي.

اي خدا! تو مون کي سونهن لاءِ ايتري ڪمزوري ڇو ڏني آهي؟ ڇا سونهن شاعريءَ جي سوَٽ آهي؟ شاعريءَ کي دنيا ماٽيلي سوٽ جيان ڇو ٿي لڳي. منهنجي دل بہ هڪ وڊيو ڪئسٽ وانگر آهي، جنهن ۾ ڪيئي پيارا چهرا ۽ سندن گفتگو محفوظ آهي. مان ننڊ مان اٿي، اول پنهنجي ذهن جو

وڊيو ڪئسٽ هلائيندو آهيان تہ مني ننڊ ڀيهر اچي ويندي آهي. الائجي ڇو مون تي اها ساڳي ڪيفيت ڇو طاري ٿيندي آهي، جڏهن مان رجنيش جا ڪبير ۽ ميران تي وڊيو ڪئسٽ هلائيندو آهيان. 1963ع ۾ هندوستان ۾ هڪ مهينو رهيو هوس ۽ ٻہ ڪلاڪ روز ننڊ ڪئي هئم. راج، گيتا، رشيد ۽ ٻيئي ۽ مان دهليءَ ۾ هڪ سئنيما ۾ ديوداس فلم ڏسي رهيا هئاسين. جيئن ريل هليو مون کي گهري ننڊ اچي وئي ۽ جڏهن فلم پوري ٿي، تڏهن مون کي ننڊ مان جاڳايائون. هونءَ هن وقت تائين مون ننڊ کي پري رکيو آهي ۽ ساري زندگي ائين ننڊ ڪئي آهي، جيئن روس تي ڪاهہ وقت نئپولين گهڙيءَ لاءِ اک لائي وٺندو هو. پر هاڻ تہ مون کان ننڊ بہ رُسي وئي آهي ۽ مون کان ڀڄي ٿي وڃي، جيستائين ننڊ جون ٻہ گوريون نہ ٿو کاوان، تيستائين ننڊ ئي نہ ٿي اچي.

سونهن لاءِ ڪمزوريءَ جي ڳالهہ ڪندي مون کي وليم ورڊسورٿ جي نظم مان هڪ بند ياد ٿو اچي.

A prim rose by a river's brim
Was one and six lines to him
And nothing more

(هڪ بسنتي گلَ نديءَ جي ڪنڌي تي
هڪ سِٽ ۽ ڇهہ سِٽون هيون هن لاءِ
۽ ان کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هو.)

مون زندگيءَ ۾ ائين محسوس نہ ڪيو آهي. عورت بسنتي گلاب وانگر آهي، پر ان جي خوشبو شاعريءَ ۾ رچي بسي وڃي ٿي.

ڪيئي سال ٿيا تہ منهنجا ٻہ دوست ۽ انهن مان هڪ جي زال، معصوم شاهہ جي مناري جي ڏاڪڻ تان چڙهي رهيا هئاسون. منهنجا دوست تہ اڳ ۾ چڙهي ويا، پر مان ساهي پٽڻ جو بهانو ڪري وچ تي ويهي رهيس. منهنجي دوست جي زال کي ڪجهہ شڪ پيو ۽ هوءَ مون کان ٽي ڏاڪا هيٺ ويهي رهي. ان کان پوءِ هڪ چُمي اجا تائين معصوم شاهہ جي مناري جي ڀڙين ڏاڪي کان پوئين ڏاڪي تائين چڙهندي ۽ لهندي رهي آهي ۽ اهي چپ تلاش ڪندي آهي، جي ملڻ چاهيندي بہ نہ ملي سگهيا ۽ هڪٻئي کان دور هليا ويا.

مان هن کي ٻيهر بہ مليو آهيان ۽ اسان جي اڪين هڪٻئي کي پيار جا انوکا سنيها ڏنا آهن، پر ڇپن ڪوئي اظهار نہ ڪيو آهي. هوءَ منهنجي شاعريءَ ۾ اڃا تائين سدا گلاب وانگر پنهنجي خوشبو ڦهلائي رهي آهي. مان اڳي ساري رات لکندو هوس، هاڻ صبح جو پنجين وڳي اُٿي لکندو آهيان. فارسيءَ جو هڪ شعر آهي:

علی الصباح کہ مردان بہ کار کار روند
بلا کشان محبت بہ کوئی یار روند

(صبح سويري جڏهن ماڻهو پنهنجن جدا جدا ڪمن سان وڃن ٿا.
پريت جا جاکوڙي پنهنجي پريڻ جي گهٽيءَ ۾ وڃن ٿا.)

افسوس ڪُوءِ يار هن وقت ڪيترو نہ پري آهي!
وچ ۾ ويزا جي ديوار آهي، نہ تہ اُڏامي هن وٽ پهچان!

هيءَ آتم ڪهاڻي هن وقت جي ڊائري بہ آهي، جنهن وقت مان اها لکان ٿو. اهو ادب ۾ هڪ نئون تجربو بہ آهي.

اڄ 15 جنوري 1996ع آهي. هي حيدرآباد ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي باري ۾ ڪهڙي سازش جو انڪشاف ٿيو آهي؟

مون کي ياد آيو تہ برصغير جي تاريخ ئي اهڙي سازش سان شروع ٿئي ٿي. پانڊوَن، ڪورون کي چيو هو تہ اسان سان حڪومت ورهايو ۽ اسان کي پاٽي پٽ، سوني پٽ، اندرا پٽ، ٻاڳ پٽ ۽ تل پٽ ڏيو. ڪورؤن انڪار ڪيو. تنهن ڪري جنگ لڳي. فيصلہ ڪُن جنگ ڪُر ڪيتر ۾ ٿي، جو دهليءَ کان ستر ميل پري هو.

مان سياست کي هڪ وَبا سمجهي، اخبار ويڙهي ٿو رکان. ويهين صديءَ جا انسان ڇتي ڪُتي کان بہ بدتر آهن ۽ ڀهريون چڪ ئي مالڪ کي پائيندا آهن. مون کي ڪنهن پنهنجي دوست جي باري ۾ ٿي هڏايو تہ هو چوندو آهي: ”نہ ماڻهوءَ جو ڪو سدائين دوست آهي ۽ نہ ماڻهوءَ جو ڪو سدائين دشمن آهي. فقط هن جا مفاد سدائين آهن.“

اڄڪلهہ دوست دشمن کان بدتر آهن. هُو تنهنجا همراز ٿي، تو خلاف سازباز ڪن ٿا. توکي بانس جي ڏاڪڻ وانگر استعمال ڪري، ڪوٺي تي

پهچي ڏاڪڻ کي تيز ڏين ٿا. الائي ڇو منهنجي پٺيءَ کي ڪنهن بروٽس جي مسلسل تلاش آهي. ڪيترو نہ ويساهي آهيان مان! مان پاڪر جو آدرياءُ ڪندو آهيان ۽ اهو نہ سوچيندو آهيان تہ متان ان بهاني ڪوئي واگهہ نيش مون ۾ کُپائي ڇڏي. اڄ ڪلهہ دوستيءَ ۾ مروت ۽ وفا اڻ لڀ شيءِ آهي.

ٻئي ڪنهن سان اها ايمرسن جي سٽ لڳي نہ لڳي، پر مون سان تہ ضرور لڳي ٿي:

”دوست افسانا آهن، جن جو بنياد هڪ پل جي عارضي تجربي تي رکيو ويندو آهي.“

ٽيپو سلطان کي مير صادق ماريو سراج الدولہ کي مير جعفر ماريو. منهنجي زندگيءَ ۾ بہ ڪيترائي مير جعفر ۽ مير صادق آيا. انهن جي وچوڙ اجائي آهي. حضرت عيسيٰ ع جوڊاس کي پهرين نظر ۾ سڃاتو هو ۽ پنهنجي هڪ ساٿي پيٽر کي چيو هئائين: ”جڏهن آسر جو ڪڪڙ ٽي ڀيرا بانگ ڏيندو، تڏهن هي مون کان ڦري ويندو.“ پر حضرت عيسيٰ ع تہ خدا جو پيغمبر هو اها ٻئي ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي تہ بُري دوست جي اندر جو ايڪسري ڪري سگهي.

بهرصورت ايتري قنوطيت سان دنيا نہ هلندي، دوست تي اعتبار ڪرڻو پوي ٿو جيستائين هو غدار ثابت نہ ٿئي. انگريزيءَ جو هڪ پهاڪو صحيح آهي تہ دوستي ستِار جي تار وانگر آهي، ان کي گهڻو تاڻبو تہ اها ٽٽي پوندي. ڪڏهن ڪڏهن مون اها تاُر ايترو تاڻي آهي، جو اها ڇڄي پئي آهي. پر گهڻو ڪري اها بروٽس جي خنجر وانگر منهنجي پٺيءَ ۾ اهڙو گهاءُ ڇڏي وئي آهي، جو ڇُٽي نہ ٿو ڇُٽي. ٻئي کي کهڙي ميار ڏيان! ڳلا آهي تہ پاڻ سان آهي، جو مون ۾ بري ڀلي جي پرک نہ آهي.

هاڻي پنهنجي استغراق مان نڪري، زرينا سان هن جي والد جي باري ۾ گفتگو جاري ٿو رکان.

ڪولرج چيو آهي: ”وقت پاڪيزه بنائي ٿو ۽ جنهن ڳالهہ جا وار عمر اڇا ڪيا آهن، اها مذهب ٿي وڃي ٿي.“

هن جي والدين ۽ زرينا، جيڪي پرڻي ۽ مرڻي جو رسمون پاڻ پاڙي ۾ ڏنيون هيون، اهي سندس لفظن ۾ ڏيان ٿو:

شاديءَ کان اول مڱڻو ڪندا ها. مرد مڱڻو پڪو ڪري پتاشا ورهائيندا

ها، عورتون ڊولڪيون وڇائيندڙيون هيون ۽ سهرا ڳائيندڙيون هيون. 'اڪيون ادل جون ہرن مشالا، بئنسر جوڙ بڻايو' مان ڇاڻان ٿو تہ ڪيئن پرڻي رات اڪين جون مشالان ٻرنديون آهن. آنڊ ماںڊ ۽ اڻ ترڻ، تن ڪي ڪٽ جي تانگهہ وانگر ڇڪي ڇڏينديون آهي. پاڪ مهل ڪنوار لاءِ وڇايل چادر تي ڪارن گلابن جي ڇُڙ نظر ايندي آهي.

مون وٽ مصر جي قديم تهذيب جا چار ضخيم جلد آهن، مون انهن ۾ بربط نواز جي گيتن ۾ پڙهيو هو:

"اڄ جي رات عيش ۽ طرب ۾ گذار،
بهترين ۽ فرحت ڏيندڙ خوشبوئن جو مزو وٺ!
مَهوَ جا گل ۽ ڪنول جا هار
پنهنجي ڪنوار جي ڳچيءَ ۽ ٻانهن ۾ سجاءِ
• تنهنجي زال، تنهنجي دل جي پياري
ان کي پنهنجي ڪڇ ۾ ويهار
نغما ٻڌ، ساز ٻڌ
اڄ جو ڏينهن مسرت ۽ شادمانيءَ ۾ بسر ڪر،
سوچ ۽ وهم ويچار کي پچائي ڇڏ
رڳو خوشين کي ڏيان ۾ رک."

ائين صحيح آهي تہ جنسي ڪشش لاءِ جنسي تعلقات ضروري ناهن. رڊيارڊ ڪلپنگ هڪ هنڌ چيو آهي: "حُسن لاءِ ضروري نہ آهي تہ ان سان گفتگو ڪئي وڃي. ڪي عورتون تنهنجي ياد ۾ رهجي ٿيون وڃن، جن سان تون فقط گهٽيءَ جي ڇيڙي تائين گهميو آهين!"

شيڪسپيئر صحيح چيو آهي: "منهنجا دلڪش دوست، تون ڪڏهن بہ پوڙهو ٿي نہ سگهندين، ڇو تہ تنهنجي اکين ۾ جا چمڪ پهريون ڀيرو ڏٺي هئم، اها اڃا تائين تو ۾ موجود آهي ۽ تنهنجو حُسن وڌائي ٿي."

پر پرڻي راتِ، مرد جي اکين جي چمڪ ئي ٻي ٿيندي آهي.

ائين لڳي ٿو صديون اڳي بہ انسان جا سک ڏک سا ڳيا ها. صديون اڳي بہ پرڻي رات، من ۾ طوفان اٿاريندي هئي. جديد ٽيڪنالوجي اسان کي ريڊيو ٽي. وي، وڊيو ۽ آڊيو ڪئسٽ، ڊش اينٽينا وغيره ڏنا آهن، پر اها خوشي ڪٿي، جا سنڌي ڳيچ ۽ مصري بربط نواز جي گيت ۾ هئي. جا مسرت،

خوشي ۽ اعصاب لاءِ توانائي ۽ تازگي هئي، اها ڳالهہ جديد دنيا ۾ ناپيد ٿي چڪي آهي. زرينا وڌيڪ چيو: "شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ گهوٽ کي مُري وٽ ڳاڙهو ڳانو ٻڌندا ها. شاديءَ کان ست ڏينهن اڳ ڪنوار کي ونواهہ ۾ ويهاريندا ها ۽ ونواهہ ۾ ڪنوار کي پيلا ڪپڙا پارايا ويندا ها. ڪنوار کي ونواهہ ۾ ويهارڻ کان اڳ تـڙ ڪرائي ويهاريندي‌يون هيون ۽ ستين ڏينهن، يعني وري شاديءَ واري ڏينهن تـڙ ڪرائيندي‌يون هيس. جنڊ ۾ هيڊ وجهي ست سهاڳڻيون ڪنوار کي جنڊ پيهرائيندي‌يون هيون. ڪنوار کي ڪنهنبي ۾ ڏڪي ماءُ جنڊ وٽ وٺي ايندي هئي. ان جي باري ۾ چيو ويندو هو تہ هِن کي ستن سهاڳڻين سڳن ڪرايو آهي. اهو سڳن ڪرائي ڪنوار کي اندر موڪليندي‌يون هيون. پوءِ برادريءَ جي وڏي ڪراڙي ڪتوليءَ تي ويهي، ٻين کي نڪر جي ڪُني مان ٿويو ٿويو ڪنڊ جو ڏيندي هئي. دائي ونواهہ جا ست ڏينهن ڪنوار جو بدن اٽي سان مهٽيندي هئي، جنهن کي اٽو لائڻ چوندي‌يون هيون ۽ اردوءَ ۾ ان کي ابٽن چوندا آهن.

شاديءَ واري ڏينهن ڪنوار کي تـڙ ڪرائي، ڳاڙهو پڙو ۽ ڳاڙهي انگي پارائيندي‌يون هيون، جنهن کي ادرنگي چوندي‌يون آهن ۽ ڪنهنبي جو رئو بہ پارائيندي‌يون هيون. نڪر جي ڍڪڻ تي نڪر جو ڏيئو ٻاري، مٿان ڪٽڪ جي تيلين جي ڪاري رکندي‌يون هيون، ان تي ست پيرا اٽاريندي‌يون ۽ ويهاريندي‌يون هيون، جنهن کي ڪاري تي ويهارڻ چوندي‌يون هيون. پوءِ ڪنوار کي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ويهاريندي‌يون هيون. جڏهن گهوٽ جي ڄڃ ايندي هئي، تڏهن ڍڪي، سهيليون ڪنوار کي اها ڄڃ ڏيکاريندي‌يون هيون ۽ پوءِ ڪيس سيج تي ويهاريندي‌يون هيون. ڪنگڻيون، ڪنگڻ، منڊيون، چندن هار يا ننڍو سڳو دهري، نڪ جو ڪوڪو جهومڪ، پيرن ۾ نورا ۽ پٽيون پارائيندي‌يون هيون. ڪنوار کي مٿي تي اڇي بوڇڻي پائيندي‌يون هيون، جنهن جي تر تي پڪي پرت جا گل پريل هوندا هئا ۽ وٽين ۾ پَٽ جا گل ٻڌل هوندا هئا. لؤنگ ۽ ڦوٽا پويل هوندا هئا. ڪنوار کي پيرن ۽ هٿن تي ميندي لائيندي‌يون هيون ۽ هٿن جي پٺيءَ تي ميندي‌ءَ جا پٽا ڪڍندي‌يون هيون. هاڻ تہ ڪنوار کي بيوٽي پارلر مان ڪار تي وٺي اچي شادي هال ۾ گهوٽ سان گڏ صوفا سيٽ تي ويهارن ٿيون. ڇا نہ ڪوڪلي تهذيب آهي، جنهن جون پاڙون ڌرتيءَ مان پٽجي ويون آهن.

شاديءَ جي ٽئين ڏينهن تي ڪنوار پنهنجي پيءُ ماءُ ڏانهن ويندي هئي، جنهن کي ستاوڙو چوندا آهن.

ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ ڇهين ڏينهن سندس نالو رکنديون آهن، جنهن کي ڇٽي چونديون آهن. ان ڏينهن يعني ڇٽيءَ تي کير ۽ چانور پسائي رکنديون هيون ۽ رات جي وقت عزيز اقربا کير مان ڏهہ ئي آڳريون پريہ ٻار جي نرڙ تي رکندا ها. پوءِ ڏاڏو يا ڏاڏيہ نانو يا ناني، جو بہ هجي، ٻار جي مٿي تي ٽوپي ۽ بدن تي چولو پائيندا ها ۽ آڱر ۾ سونو يا روپو ويڙهہ پائينديون هيون. ٽلها ڪنڊلا، جن ۾ چنڊ مٽيو چراخ جو ڏند، عودِ سليمر جو داڻو ۽ ننيڙو چاقو پوتل هوندا ها، اهو بہ ٻار کي پارائينديون هيون. ائين ٿيندي هئي هڪ نئينءَ زندگيءَ جي ابتدا.

چنڊ مٽيو ان ڪري پارائينديون هئس تہ جيڪڏهن ٻار چانڊوڪيءَ ۾ سمهي تہ هن تي چنڊ جو ڪو اثر نہ ٿئي.

ڇٽيءَ جي رسم کان پوءِ هرڪو مائٽ پنج پنج رپيا رکندو هو ۽ ڳُنو مصريءَ ۽ دونو لڏن جو وٺي ويندو هو. ٻار تي نالو ڏاڏو نانو يا چاچو رکندو هو. ٻار جي ماءُ کي ڪنهنبو رئو پارائي، ٻار کي سينگاريہ ماءُ کي ڪڇ ۾ ڏينديون هيون. اتي ۾ ڪنڊ، وڏف، جيرو ڪارا مرچ، ننڍا ڦوٽا ۽ مکڻ جو گيهہ ملائي، لولا پچائي، سس ننهن کي ڏيندي هئي.

ٻار کي جيڪڏهن ٻيجڙو ٿيندو هو تہ ٻگهڙ جي ڪل تعويذ ۾ پوئي ٻڌاندا هئا ۽ ننيڙو قرآن بہ پوئي ڳچيءَ ۾ پارائينديون هيون. ٻار کي پهرين نڪر يا ڪاٺ جي گاڏيڙي ۾ پير پير ۾ پنڌ سيکارينديون هيون. پنڌ سيکارڻ مهل ڏيءُ کي گجريون ۽ پُٽ کي پير ۾ ڇير ٻڌنديون هيون.

جڏهن ٻار قرآن شريف پورو ڪندو هو تہ ايمي ڪندا ها، برادريءَ جي زالن کي سڏيندا ها، ملان کي جوڙو پهرائيندا ها، پوءِ پاڙي وارن کي ماني کارائيندا ها ۽ جڏهن ٻار جي ماءُ جي نڙان يا ڏيرياڻي ونڻ ايندي هئي تہ هوءَ اتان ماءُ تان پتر گهوري اڇلائيندي هئي. پاجايون جڏهن نڙان ڏانهن وينديون هيون، ڪڏهن گهيٽ، پاپڙ، وَڙيون، مصري ۽ پڪوڙن جو دونو دستر خوان ۾ هڙ ٻڌي کڻي اينديون هيون.

پهرين ٻار ڄمڻ کان پوءِ جڏهن ڇوڪري ماءُ ڏانهن ويندي هئي تہ انهن کي اڏائي جوڙا ملندا ها يعني بہ جوڙا ۽ رئو چولو ملندو هيو ۽ ٻار لاءِ ٽوپيون،

چولا، سٿڻان ۽ رلڪا ڇوڪريءَ جي ماءُ وٽان ملندا ها. انهن کان سواءِ ٻار لاءِ سوني منڊي، پنج ست ڪيڏوڻا، ننڍڙي وٽي، ننڍڙو گلاس ۽ ننڍي ديگڙي بہ ڏني ويندي هئي. ان ساري ڏيب کي ڦلا ڇيو ويندو هو. ٻار جي پيءُ لاءِ قميص ۽ رومال بہ ڏنو ويندو هو. چاليهارو لولا ڳڙ جا ۽ لولي تي منڊيءَ جا گول نشان ۽ ڪنڊ وجهي، ٿلهو لولو پچائي ڏيندا ها. هن کي ڇاپ ڦلن جي، لوڻ جي پُڙي ۽ سڄي هيڊ جي پڙي ڏيندا ها ۽ هن جي نڙان کي ڏوري ۽ٽ يا خاني پٽ جو رئو بہ ڏيندا ها. جڏهن ڇوڪريءَ کي نائون مهينو پيٽ هوندو هو تہ دائي هن جي بدن کي تيل هڻندي هئي. دائي پنهنجن پئسن سان ڇهارا وٺي ايندي هئي. ڇوڪريءَ جي سس دائيءَ کي پنج رپيا ڏيندي هئي، جنهن کي موڪا ڇيو ويندو هو ۽ هڪ هڪ ڇوهارو ساريءَ برادريءَ ۾ ورهايو ويندو هو.

هي هيو هڪ نئين جنم جو استقبال، جو سنڌ جي ثقافت جو حصو ٿي چڪو هو. اهڙيءَ ثقافت کي ڪنهن نهوڙي نيو هيو ڪنهن ان جو ڳلو گهٽي، ان کي خاموش ڪري ڇڏيو هو؟ جا شيءِ دنيا ۾ بي مثال هئي، ائين ڇو لٽن هيٺان لتاڙجي وئي؟ ڇا جديد دؤر جي يلغار سبب هو يا ان جا اسباب ڪي ٻيا هئا؟ ڇا ان جو ڪارڻ ٽي. ايس. ايليٽ وارا 'کوکلا ماڻهو' (Hollowmen) ها. اي سنڌ جي ڌرتي! تون ڪيتري لوئي لتاڙي وئي آهين. تاريخ جي سنبن هيٺان ڪچلي وئي آهين؟ ڇا تنهنجو وجود بہ ائين مٽجي ويندو جيئن بابل ۽ نينوا جي تهذيبن جو مٽجي ويو هو ۽ ڇا نارائڻ شيام جي پيشن گوئي پوري ٿيندي:

الا! اِيئن نہ ٿئي جو ڪتاب ۾ پڙهجي،
تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

وس پڄي تہ تاريخ جي ڌُونَ ۾ اهو ٺونشو هڻان، جو ان جي ناسن مان رت ٽيندبيون ڪري نڪري اچي.

اسان جي مرڻ جون رسمون گهڻو ڪري اسلامي روايات موجب هيون. موت کان پوءِ ٽي ڏينهن تڏو وڇائيندا ها، پر پرائي تڏي هرڪو پنهنجا سور روئندو آهي. ٽيجهو ڪندا ها. مون رجنيش جي نانڪ تي ڪئسٽ ٻڌي هئي تہ سک بہ ٽيجهو ڪندا ها، ڇوتہ انهن جو ان ڳالهہ تي اعتبار هوندو هو تہ ٽئين ڏينهن ماڻهو نئون جنم وٺي ٿو. جڏهن ڪوئي مري ويندو هو تہ ڪٽڪ جو ٿالهہ هن جي مٿن کان رکندا ها ۽ مسجد ۾ پورو سال ڏيئو ٻاريندا

ها تہ جيئن مُئي لاءِ اوندهہ ۾ روشني ڪندو رهي ۽ ست ملان گهرائي انهن کي ماني کارائيندا ها ۽ جوڙا ڏئي دعا گهرائيندا ها. چاليهي تي ساري برادريءَ کي ۽ ملان کي ماني کارائيندا ها ۽ ملان کي جوڙو پارائيندا ها ۽ مُئي جي حق ۾ دعا گهرائيندا ها. مُئي کان پوءِ قرآن شريف بخشائيندا ها. ڪي جيئري ئي پنهنجا لٽا پنهنجي نانءُ تي ڏئي، ماني کارائي قرآن بخشائي ڇڏيندا هئا تہ، متان موت کان پوءِ ڪوئي قرآن بخشائڻ وارو نہ هجي. هر عيد تي وڏن جي قبرن تي پٿهي وجهندا ها، جنهن ۾ انب جا پن، دال ۽ گلاب جا گل هوندا ها. ايم.مجيب هندوستاني ڪلچر تي هڪ ڪتاب ۾ ڏيکاريو آهي تہ هر صوبي جي مسلمانن جا جدا جدا رسمون رواج هوندا هئا. فقط وهابي ڪنهن قبر وغيره کي تسليم نہ ڪندا ها ۽ نہ پيرن ۽ شهيدن کي زنده جاويد تسليم ڪندا ها.

جمالؔ ابڙي مون کي ٻڌايو هو تہ جڏهن هو جج هو تڏهن هن وٽ هڪ وهابيءَ تي مذهب جي توهين لاءِ 294 الف. پ. ڪ هيٺ ڪيس هليو هو. هن ڪي قبرون مسمار ڪري ڇڏيون هيون. جڏهن سرڪاري ڌر جي شاهدي ختم ٿي تہ جمال هن کي چيو: ”توکي ڪوئي بچاءَ ۾ شاهد ڏيڻو آهي؟“ هن جواب ڏنو تہ: ”شاهد تہ ڪيئي آهن، پر تون فقط تي نالا لک. قلندر شهباز شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ جهوڪ وارو شاهہ عنايت.“*

جمال ان تي ڪيس چڙي چيو: ”تون ڪورٽ سان مذاق ٿو ڪرين!“ هن وراڻيو: ”مذاق نہ ٿو ڪريان. جي پير زندهہ جاويد آهن تہ شاهديءَ ۾ اچي سگهن ٿا.“

خير، مرڻي جي رسم ۾ هر اسلامي ملڪ يا صوبي ۾ ڦير گهير ٿي سگهي ٿي، پر هڪ شيءِ انسان ذات ۾ ساڳي آهي، يعني موت کان اڳ مايوسيءَ جي ڪيفيت، جا مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ’مصر جي قديم ادب‘ ۾ ڏنل آهي.

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
ياٺر ڪميڻا ٿي ويا آهن،
۽ اڄ دوستن ۾ محبت باقي نہ رهي آهي.

---

* عليم فقير درس، عمر ڪوٽ ضلعي جو هڪ عوامي شاعر ۽ عجيب شخص (ت.ج)

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
دليون لالچي ٿي ويون آهن،
۽ هر ڪوئي پنهنجي ساٿيءَ جو سامان تڳائي ٿو.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
شرافت ختم ٿي وئي آهي،
۽ هر تشدد وارو شخص هئي تي تشدد ڪري رهيو آهي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
ماڻهو بُرائيءَ تي آماده آهن،
۽ چڱ مڙسيءَ جي هر طرف ڪل لاٿي ٿي وڃي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
ماڻهو لٽي رهيا آهن،
هر ڪوئي پنهنجي پاڙيسريءَ کي لٽي رهيو آهي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
بد اعمال سان تہ دوستي ڪري سگهجي ٿي،
پر گڏ ڪم ڪندڙ ياءُ دشمن ٿي پيو آهي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
ڪوئي گذريل وقت کي ياد نہ ٿو ڪري،
جنهن مدد ڪئي هئي، ان جي ڪوئي مدد نہ ٿو ڪري.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
پنهنجا بدڪردار ٿي ويا آهن،
۽ محبت لاءِ پراون جو سهارو وٺڻو ٿو پوي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
ماڻهو منهن ڦيري ٿا وڃن،
۽ هر شخص پنهنجي ياءَ ڪي شڪ جي نظرن سان ٿو ڏسي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
دليون حِريص ٿي ويون آهن،
ڪنهن شخص تي ڀروسو نہ ٿو ڪري سگهجي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
سچائي ماڻهن مان گم ٿيندي ٿي وڃي،
۽ ملڪ بدڪردار ماڻهن جي هٿ چڙهي ويو آهي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
اعتبار جوڳا دوست ڳوليا نہ ٿا لڀن،
ماڻهوءَ کي اجنبين کي دانهن ڏيڻي ٿي پوي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
ڪوئي بہ مطمئن نہ آهي،
ساٿ ڏيڻ وارو ڪوئي نہ رهيو آهي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
مان ڏکارو آهيان،
منهنجو ڪوبہ دوست نہ آهي.

◈

اڄ مان ڪنهن سان ڳالهايان،
ڌرتيءَ تي بُرائيءَ جو دؤر دؤرو آهي،
ان جي (بُرائيءَ جي) ڪائي انتها ناهي.

چاليھہ پنجاھہ صديون پراڻو مصري گيت ڪھڙو نہ صحيح آهي! جڏهن انت ويجهو اچي ٿو تڏهن ماڻهوءَ جي ساڳي نفسيات ڇو ٿي ٿي وڃي؟ منهنجو هڪ دهريو دوست هو جنهن سان گفتگوءَ بعد مون کي مغربي فلسفي ڊيوڊ هيوم (David Hume) جي باري ۾ هڪ خط ياد آيو. هڪ ماهر معاشيات ايڊم سمٿ، ڊيوڊ هيوم جي موت تي پنهنجي ڪنهن دوست کي هيٺيون خط لکيو هو جيڪو ڪنهن ڪتاب ۾ شامل آهي، مون کي ياد آهي:

”مون هن کي چيو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ موت ناگزير آهي، تڏهن بہ توکي ڪيئي دوست آهن. توکي خاندان آهي ۽ توکي ڪافي مال ومنال آهي.“

هن جواب ڏنو: مون اهو اطمينان چڱيءَ طرح محسوس ڪيو آهي. مون جڏهن ڪجھہ ڏينهن اڳ ليوسن (Lucian) جو ڪتاب موت سان گفتگو پڙهيو هو تڏهن مون اهي سڀ دليل پڙهيا ها، جي هن چارون (Charon) کي ڏنا ها. تہ هُو هُن جي موت جي ٻيڙي ۾ چو نہ چڙهي. پر اهڙا دليل هن کي دل سان نہ لڳا تہ هن جو ڪوئي گھر زير تعمير آهي يا هن کي ڪنهن ڌيءَ کي اخراجات ڏيڻا آهن يا هن جو ڪوئي دشمن آهي، جنهن سان هو پلؤ ڪرڻ ٿو چاهي. هن چيو تہ: ”مان تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهيس تہ مان چارون (موت جو يوناني ديوتا) کي ڪهڙو بهانو ڏيان، جو هو مون کي ڪجھہ مهلت ڏئي. مون هيءَ اها ڳالھہ ڪئي، جا مون ڪرڻ ٿي چاهي تہ مان پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي ابتر حالت ۾ هن وقت ڇڏي نہ ٿو وڃڻ چاهيان، جنهن وقت مان کين ڇڏي رهيو آهيان، مون کي مطمئن ٿي مرڻ لاءِ هر سبب هو.“

هن پوءِ بہ ڪيترائي مضحڪ خيز بهانا ڳوليا، جيڪي هن جي نظر ۾ چارون کي اطمينان ڏيارڻ لاءِ ڪافي ها. نيٺ هن ڪيس چيو تہ: ”مون وڏيڪ سوچيو آهي تہ مون کي نئين اشاعت لاءِ پنهنجا ڪجھہ ڪتاب درست ڪرڻا آهن. مون کي ٿوري مهلت ڏي، جيئن مان ڏسان تہ اهي درستيون منهنجي پڙهندڙن کي ڪيئن ٿيون لڳن.“ پر چارون هن کي جواب ڏنو: ”تو جڏهن انهن درستين جو تاثر ڏٺو تڏهن وڏيڪ درستيون ڪرڻ چاهيندين. تنهنجا بهانا ختم نہ ٿيندا، سو منهنجا ديانتدار دوست، منهنجي ٻيڙيءَ ۾ قدم رک.“ ان تي هن چيس: ”اي نيڪ خصلت چارون! ٿورو صبر ڪر! مان عوام جي اکين کولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهن مان ڪجھہ سال وڏيڪ جيئندس تہ هن وهم ۽ وسوسي تي ٻڏل دنيا کي ڊانوان ڊول

ٽيندو ڏسندس.“ چارون ڪي غصو اچي ويو ۽ هن ڳالهائڻ جو پهرين طريقو ڇڏي ڏنو ۽ چيائين: ”رولو حرامزادا, اها ڳالهہ تہ سوين سال نہ ٽيندي. تون چا ٿو سمجهين تہ مان توکي ايتري مهلت ڏيندس. يڪدم منهنجي پيڙهيءَ ۾ چڙهہ. ڪاهل, رولو حرامزادا!“

شڪارپور ۾ جانو ڪوري هڪ مشهور چور بہ هوندو هو ۽ جاڻو مڙس بہ هو. هڪ ڀيري ستي مئجسٽريٽ وٽ جانوءَ تي هڪ وزني لوهہ جي گاربر جي چوريءَ جو ڪيس هليو. ستي مئجسٽريٽ جانوءَ کي چيو: ”جانو جيڪڏهن تون هي لوهي گاربر ڪلهي تي کڻي ڏيکارين تہ مان نہ صرف ڪنهن بهاني توکي ڇڏي ڏيندس, پر اهو گاربر بہ توکي ڏيندس.“ جانوءَ گاربر کي ڪُهلو ڏنو ۽ سڌو پنهنجي گهر کڻي ويو. جانو ڪوري اسان جي پاڙي ۾ ڏند ڪٽا وانگر هوندو هو.

هڪ ڀيري هو چوريءَ خاطر هڪ هندو سيٺ جي گهر ٽپيو. سيٺ کي ڪوٺي تي ڪڙڪ پئجي وئي ۽ هن ڪڏ تان چور چور ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. جانوءَ دريءَ جي انچ تلهين شيخن کي بسم الله چئي زور ڏنو تہ اهي ايترو مڙي ويون, جو هُو ان پلڪڙي مان ٽپي پڄي ويو.

هڪ ڀيري مان ۽ مشتاق ابڙو ڇهل قدميءَ لاءِ وڃي رهيا هئاسين تہ رستي تي هڪ فقير هٿ ڊگهو ڪري خيرات گهري رهيو هو. هن جي هٿن, پيرن ۽ منهن تي ڦرڙيون هيون. مشتاق ڪيسي مان آڌي ڪڍي فقير جي ٻُڪ ۾ مٿان ڦٽي ڪئي هئي. هن ڪيس دعا ڪئي تہ مشتاق مون کان پڇيو: ”سڃاتئہ تہ ڪير آهي؟“

مون چيو: ”نہ.“

مشتاق چيو: ”اهو جانو ڪوري هو, جنهن جي جاڻن هڏن کان لوهہ بہ ڊڄندو هو. ها هُن کي باد فرنگ کائي ويو آهي ۽ هو پني پورت ٿو ڪري.“

هفتي کان پوءِ اسان ساڳئي رستي تان وڃي رهيا هئاسين تہ جانو نظر نہ آيو. مشتاق ٻڌايو تہ هو هڪ ڏينهن اڳ مري ويو هو. هاڻ لوهہ تہ ڇا, مٽيءَ مان بہ نڪري نہ سگهندو. هر ڏاڍي ۽ ان جي ڏاڍ کي فنا آهي. انسان جيڪڏهن اهو ڄاڻن تہ هُو اهي زيادتيون نہ ڪن, جي هو روز ڪن ٿا. موت ڪنهن وقت بہ ڪنهن کي ڪن کان وٺي چئي ٿو سگهي تہ: ”هاٽي هل!“

زرينا جو مامو علي احمد ڏاڍو مڙس هوندو هو, جنهن کي اسان علڻ

چوندا هئاسين. هڪ ڀيري هڪ چتي ڪتي هن تي رومڙ ڪئي تہ هن ڪتي کي ڄاڙين کان وٺي، سندس وات چيري ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ علڻ کي هائڊرو فوبيا (Hydrophobia) ٿي پئي هئي. جڏهن هو ڪوهہ جي نيسر هيٺان وِهنتو تہ هن کي پاڻيءَ ۾ ڪتڙيون نظر اچڻ لڳيون. هن کي پيٽ ۾ سُيون هنيون ويون. جي هن کي ڏاڍو سور ڪنديون هيون ۽ هُو وهلور ويندو هو ۽ وٺ نہ ڏيندو هو. نيٺ هو گذاري ويو. هو اسان جي پاڙي ۾ سيني کان ڏاڍو مڙس هوندو هو. مون هن جي ڪيفيت کي تڏهن سمجهيو جڏهن سئزرلينڊ جي مشهور مصنف ايڪزل منٿيءَ جو شاهڪار 'سينٽ مائيڪل جي ڪهاڻي' (Story of St: Michle) پڙهيو هو. جنهن ۾ هن ڏيکاريو آهي تہ هن موت کي پنجن ئي حواسن سان ڪيئن محسوس ڪيو آهي. ان ۾ نہ رڳو هُن هڪ ڪتي جي ڪاڙل جي ڪيفيت ڏيکاري آهي، پر ڇپن سان موت کي ڇُهڻ جي بہ هڪ عجيب واردات بيان ڪئي آهي. هن پليگ ۾ مري ويل هڪ خوبصورت راهبہ کي چپن تي چمي ڏني هئي ۽ ان ڳالهہ جو فڪر نہ ڪيو هو تہ پليگ هڪ وچڙندڙ بيماري آهي ۽ ڪيترن ئي کي ٿي چُڪي آهي. اهو ڪتاب مون وٽان ٽيهارو سال اڳ ڪوئي دوست کڻي ويو هو جنهن واپس نہ ڪيو هو. هي مان يادگيريءَ مان لکي رهيو آهيان.

ڪنهن بہ انسان کي موت مان فرار نہ آهي. اوريانا فلاچيءَ، جنهن ذوالفقار علي ڀٽي کان انٽرويو ورتو هو تنهن اردن جي شاهہ حسين کان بہ انٽرويو ورتو هو جو هن جي انٽرويوز ڪتاب ۾ ڇپيل آهي. ڪيئي سوال پڇي، هن شاهہ حسين کان آخري سوال پڇيو: "موت جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟" هي بہ مان پنهنجي حافظي مان لکي رهيو آهيان. اهو ترجمو نہ ڪيو آهي. شاهہ حسين جواب ڏنو هوس: "هڪ شخص پنهنجي بيٺڪ روم ۾ ويٺو هو تہ هن جو دروازو کڙڪيو. جڏهن مهمان اندر آيو تہ کانئس خير عافيت پڇي، نالو ۽ اچڻ جو سَبب پڇيائينس. هن جواب ڏنس تہ: "مان تنهنجو موت آهيان ۽ توکي وٺڻ آيو آهيان." اهو شخص حراسجي ويو ۽ وڦلڻ لڳو. "هاڻي تہ ڇڏ." هن چيس: "مون کي ڪيئي ڪم پورا ڪرڻا آهن. ڪجهہ سال رکي پوءِ اچجانءِ." ان تي موت هن کان موڪلائي هليو ويو. اوچتو هن شخص کي اچي پوَ ورتو ۽ گهوڙي تي زين وجهي ٽپو ڏنائين ۽ گهوڙي کي هوا وانگر ڊوڙائيندو اچي تاشقند ۾ پهتو. اتي گهوڙي تان لهي، ان

جي واڳ هڪ وڻ سان ٻڌي، اطمينان سان سراءِ ۾ ڪمرو ياڙي تي ورتائين. جڏهن هن ڪمري جو در کوليو تہ اهو شخص، جنهن پنهنجو نالو موت ٻڌايو هو، هڪ مُوڙي تي ٽيڪ ڏئي ويٺو هو ۽ هن کي يڪدم چيائين: ”مرحبا! مون تنهنجو انتظار ٿي ڪيو توکي هتي ئي مرڻو هو.“

مون کي ن.م. راشد جو هڪ خوبصورت نظم، ”حسن ڪوزه گر“ ٿو ياد اچي. موت هڪ ڪوزه گر وانگر آهي، جو ڪوزا ٺاهيندو آهي ۽ انت ۾ انهن جي ڀڳچي ڀجي وجهندو آهي. مون کي ياد آيو تہ مون سان ڪجھ دوست منصوره گهمي رهيا هئا، جنهن کي اڳ برهمڻ آباد چيو ويندو هو. برهمڻ آباد، منصوره ڪيئن ٿيو اهو منهنجي سمجھ ۾ نہ آيو. شايد هن کي بہ ڪنهن وقت دارو رسن جي آزمائش مان گذرڻو پيو هجي! شام ٿي رهي هئي، سج ڪنهن ازلي ڪنيار جي تازي دلي وانگر چڪيءَ تي ڦري رهيو هو. مون اتي انساني کوپڙيون، هڏا، ڀڳل ٺڪل مٽيءَ جا ٿانءَ ڏٺا ۽ سوچيو :”آخر ٺڪريءَ ۽ کوپريءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ماڻهوءَ جي ساري آڏ وڏائي نيٺ مٽي آهي. ڪوزي سان ڪنهن امير جو ارغواني جام پريو وڃي يا ڪنهن فقير جي آب خوريءَ لاءِ پاٽيءَ ڍڪ وڏو وڃي. وقت گذرڻ سان ٺڪر ڀڃي ڀُري ٿو وڃي. فنا، فنا، سرشتي کي فنا آهي. بقا آخر ڇاکي چوندا آهن؟

ساڳيءَ طرح مان ۽ مرحوم رشيد ڀٽي اروڙ جي ٺڪريءَ ۽ ان جي هيٺان گهمي رهيا هئاسين. سنڌو پنهنجو وهڪرو هميشہ جيان ڦيرائي وئي هئي ۽ پنيان ٻٽ ۽ ويران شهر ڇڏي وئي هئي. نادان سي. آءِ. ڊي وارن رپورٽ ڪئي هئي تہ اسان اروڙ ۾ ڪائي خفيہ گڏجاڻي ڪري رهيا هئاسين. اسان تہ اتي ڀڳل هڏا ڪٽي سوچي رهيا هئاسين :” ڇا هي راجا ڏاهر جو هڏو آهي؟ ڇا هي لاڏيءَ جو هڏو آهي؟ ڇا اهي وري ٻيهر ڳنڍبا ۽ شهنائيءَ وانگر وڄندا! تاريخ جي لس ليٽ کي ڪائي ڪنڌي ڪنارو ناهي. جنهن کي چاهي ٻوڙي، جنهن کي چاهي تاري. جنهن کي چاهي ميڪسيڪو جي ازٽيڪ، مايا انڪا ۽ مچو پچو تهذيب وانگر تباهہ ڪري ڇڏي ۽ محققن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏئي، تہ اهي ويهي ٺڪرا ڳڻيندا! تاريخ جون واڳون زور سان ڇڪڻ سان گهوڙي جون واڇون نہ چيريون، تنهنجا هٿ ڇلجي پوندا. تاريخ دارا شڪوه جو سر لاهي اورنگزيب اڳيان پيش ڪري ٿي ۽ سرمد کي دليءَ جي جامع مسجد جي ڏاڪي تان ڇڪي اُتاري ٿي ۽ هن جو سر جلاد اڳيان

جهڪائي ٿي. موت تاريخ تي رحم نہ ٿو ڪري. اسٽالن دماغ جي رڳ ڦاٽڻ ڪري مري ويجي ٿو ۽ روز ويلٽ ويل چيئر (Wheel Chair) تي ريڙهيون پائي مري ويجي ٿو. ٻي جنگ عظيم جا هيرو هڪ عام سپاهيءَ کان بہ واهيات موت مرن ٿا.

منهنجي ڪمري ۾ ٻہ تصويرون منهنجي بستري جي سامهون ٽنگيل آهن، جي منهنجي ڌيءَ نگهت، سنگاپور مان وٺي آئي آهي. هڪ ۾ گوتم ٻڌ ٻوڏي وڻ هيٺان ڌيان گيان ۾ گم آهي ۽ مارا (ٻڌ ڌرم ۾ موت جي ديوتا کي مارا چوندا آهن) کي پٺ ڏئي ويٺو آهي، جيڪو پشيمان ٿي پٺي رهيو آهي. ٻيءَ تصوير ۾ ٻہ نوجوان رقاصائون آهن، جي ڪوئي اجنبي ناچ نچي رهيون آهن. اهي نچڻيون بہ اڇٽيون آهن موت جي ڦندي ۾ ۽ گوتم ٻڌ کي بہ هڪ ڏينهن مارا نهوڙي نيندو. يلي ڪري وٺي اهو جپ تپ. ڏئي وٺي اهي وياڪياڻ. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ گوتم ٻڌ، جيڪو ڪنهن خدا ۾ اعتبار نہ ڪندو هو سو مرڻ کان پوءِ خود خدا ٿي ويو ۽ دنيا ۾ هن جون ايتريون مورتيون رکيون ويون آهن، جيتريون ڪنهن بہ ديوتا جون نہ رکيون ويون آهن!

زرينا، مون من ساگر ۾ اونهي ٽپي ڏئي، ان جي تري کي ڇُهيو آهي. تون منهنجي ماٺ تي هري وئي آهي ۽ ان آئيني کي ٻڙڪ ٻاڦي ڪڏهن بہ نہ تِڙڪايو اٿئي.

مون تنهنجي والد صاحب جي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي هئي. هن ئي مون کي گربخشاڻيءَ واري شاهہ جي رسالي جا ٽي جلد آڻي ڏنا هئا، جي پڙهي مون سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ سنڌي استعاري ۽ تشبيهہ جو حسن ۽ نزاڪت محسوس ڪئي هئي. ڀٽائيءَ لفظ ائين استعمال ڪيا آهن، جيئن مون ترڪيءَ ۾ ڏٺو هو تہ هڪ باغبان ڊاک جا ڇڳا پٽي ٽوڪريءَ ۾ وجهندو ٿي ويو. ٻولي هڪ وڏي ول آهي، جنهن ۾ لفظ ڊاک جي ڇڳن وانگر لڙڪندا آهن.

هاڻي اچ تہ تنهنجي والد بزرگوار جي ڪهاڻي پوري ڪريون. هو تهجد گذار ۽ صوم صلوات جو پابند هو ۽ پرهيزگار شخص هو ڪاڏي پيتي ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو سادو هو. پاڙي ۾ جوا هلندي هئي تہ هو ان کي نفرت سان ڏسندو هو نہ ڪنهن جي گلا ڪندو هو ۽ نہ ٻڌندو هو. هو اجا سٺ ورهين جو ٿيو هو. جو سخت بيمار ٿي پيو ۽ شڪارپور جي سول اسپتال ۾ گذاري ويو. مان هن جي وفات کان هڪ ڏينهن اڳ هن وٽ ويو هوس. هن شفقت سان منهنجي

مٿي تي هٿ رکيو هو ۽ مون کي دعا ڪئي هئائين.

منهنجو پيءُ دنيا جي فنا پذيريءَ تي سوچي چوندو هو ”ڪاڏي ويو پڻهين ماڻهين، اجا نہ ٿو ڄاڻين.“ عام عبادت جي ڪتاب (Book of Common Prayer) ۾ چيو ويو آهي: ”زندگيءَ جي وچ ۾ اسان موت ۾ آهيون. اها ئي ڳالهہ آهي تہ جيتوڻيڪ سڀ ماڻهو مرڻا آهن، هُو اها ڳالهہ پنهنجي باري ۾ نہ سوچيندا آهن.“

زرينا جي ماءُ بہ هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار عورت هئي. مرڻ پرڻ تي هن کي وڏو ڪري ويهاريندا هئا. هڪ يهودي پهاڪو آهي:”خدا جتي ڪٿي تہ ٿي نہ ٿو سگهي، ان ڪري هُن ماءُ تخليق ڪئي.“ اسان جو مسلم عقيدو آهي ’خدا هر جاءِ تي حاضر ناظر آهي‘. پر مان ڀانيان ٿو تہ هن جو سڀ کان درخشان جلوو ماءُ جي صورت ۾ آهي.

جيمس بئري چيو هو: ”هر جڏهن عبادت ڪندا آهن تہ هنن جو معصوم منهن ماءُ جي منهن وانگر هوندو آهي.“ اسان جي نبي اڪرم ﷺ جيڪي والدين لاءِ چيو آهي، ان جو مثال تہ ڪٿي نہ آهي.

زرينا کان جي ٽي سؤ ڀيرا پڇيو وڃي ها تہ دنيا ۾ توکي عزيز ترين شيءِ ڪهڙي آهي؟ تہ هوءَ چوي ها، ’ماءُ‘ زرينا جي ماءُ کي زرينا سان ايتري محبت هئي، جو جڏهن هوءَ بيمار ٿي پئي تہ اسان وٽ اچي رهي. زرينا راتيون جاڳي هن جي خدمت ڪئي هئي. سکر ۾ ان وقت چڱا ڊاڪٽر ڪونہ ها ۽ هن کي جيري جي سوڄ لاءِ دوائون ٿي ڏنائون ۽ ڪنهن کي خبر نہ پئي تہ هن کي جيري جي ڪئنسر آهي. ڏاڍو دير سان معلوم ٿيو تہ هن کي ڪهڙي بيماري آهي. ٻئي ڏينهن تي هوءَ گذاري وئي.

هن جي ڪِنجهہ، ڪُرڪ ۽ درد ۾ بہ جڻ عبادت هئي. زرينا بہ پنهنجي ماءُ تي وئي آهي ۽ هن ۾ بيحد صبر آهي. هوءَ بيماريءَ ۾ بہ ڀيرا جڏهن ويهي نہ سگهندي هئي، تڏهن اشارن سان پنج وقت نماز پڙهندي هئي. جڏهن ڊاڪٽر جواب ڏئي بيٺا، تہ ڪيس پنهنجي يقين ۽ عبادت صحتياب ڪيو.

لنڊن ۾ رايل شيڪسپيئر ٿيئٽر ۾ (Royal Shakespere Theater) هئمليٽ ۾ مون ڪنگ ڪلاڊيس کي چوندي ٻڌو هو: ”جُهڪو ضدي گوڏؤ جُهڪو!“ مون تڏهن خدا جي حضور ۾ گوڏا تہ ڪونہ جهڪايا ها، پر هاڻي جڏهن ڪنهن ازلي حقيقت اڳيان اهي جهڪائڻ ٿو چاهيان تہ شديد درد

سبب جُهڪي نہ ٿا سگهن.

شيڪسپيئر جي ڳالهہ نڪتي تہ مون کي هن جي ڊرامي جوليس سيزر مان هڪ چوٽي ياد آئي، جا هن ڪيسيس (Cassius) جي واتان چوائي آهي:

”ڪڏهن ڪڏهن انسان پنهنجي تقدير جا مالڪ مختيار آهن. پيارا بروٽس قصور ستارن جو نہ آهي، پر اسان جو آهي، ڇو تہ اسان زيردست آهيون.“

ڪالهہ جي. ايم. سيد جي سالگره داد وءَ ۾ ڌوم ڌام سان ملهائي وئي. سنڌي اخبارن ۾ ڪيئي ڪالم لکيا ويا ها. مون زندگيءَ جو ڪافي حصو هن سان گڏ گذاريو هو ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي پيڙهہ ۾ ڪجهہ پٿر منهنجا بہ آهن. هن سان ڪچهريون، دعوتون، ڪريم بخش نظاماڻيءَ جا دڦ تي تنوير نقويءَ جا اردو گيت، مومن مليرائيءَ سان چرچا، قربانيءَ جي اشاعت، ون يونٽ، اسيمبلي ۽ ميمبرشپ، سوڀي گيانچندڻيءَ جو پارٽي نظرئي جي جوش ۾ 'قربانيءَ' جو پرچو اسيمبليءَ ٻاهران ورهائڻ، جڏهن هو خود ان جو ايڊيٽر هو ۽ جو پرچو جي. ايم. سيد جي خلاف ڪڍيو ويو هو. جيئي سنڌ تحريڪ، بزم صوفياءِ سنڌ نالي جي تجويز جيئي سپاهيملاڻي، جئرام داس دولت رام گدواڻي، حشو ڪيولراماڻي، محمد امين کوسو (جنهن اسپينسر (Spencer) تي پورو ڪتاب پڙهيو هو ۽ جنهن هوٽل ۾ رهيل هو ان جو بل ڪتاب جي خاتمي تائين ڪتاب جي قيمت کان ڏهوڻو ٿي ويو هو.) جي. ايم. سيد جو الله بخش سومري جي مزار تي شڪارپور ۾ فاتحہ خواني لاءِ وڃڻ ۽ سنڌيءَ ۾ چوڻ: ”الله بخش معاف ڪجانءِ! آءٌ غلطيءَ تي هوس.“ هن جو تڪليف جي باوجود منهنجي لائبريريءَ ۾ ڏاڪڻ چڙهي اچڻ، سَن ۾ نشستون، مشاعرا، تقريرون، جي. ايم. سيد جي متحده محاذ جو بنياد، سَن ۾ تقريرون، قاضي فيض محمد، محمد ابراهيم جويو پير حسام الدين شاهہ راشدي، رسول بخش پليجو محمد حفيظ قريشي، غلام رباني آگرو ابن حيات پنوهر، مسعود نوراني (جنهن ان وقت ميرپورخاص ۾ 'مٺهيار آيو مٺهيار ڙي' ڳاتو هو جنهن وقت مون ميرپورخاص ۾ ڪانفرنس جي صدارت ٿي ڪئي.) مولانا غلام محمد گرامي، ڪريم بخش نظاماڻي، ڄام ساقي، مير ٿيبو پٽر سنڌي ۽ ٻين ڪيترن ئي محب وطن سنڌين جي موجودگيءَ ڪري، بزم صوفياء سنڌ جي تحريڪ ايترو زور ورتو جو هڪ پيري مرحوم اي. ڪي. بروهي، خان بهادر کهڙو ۽ علي محمد شاهہ راشدي بہ آيا ها. ان ڪانفرنس ۾

مون ’دودي جو موت‘ آپيرا سانده منو ڪلاڪ حافظي مان پڙهي هئي.* اگرتلا سازش ڪيس مان رهائيءَ بعد شيخ مجيب سان جي. ايم. سيد جي دعوت تي منهنجي ملاقات ٿي هئي. يونيورسٽيءَ ۾ مون ڏانهن جي. ايم. سيد نياپو موڪليو تہ ڪوئي پنجابي سابق فوجي توڪي ۽ مون کي قتل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو آهي ۽ جيڪو گرفتار ڪيو ويو آهي.

سندري ۾ اتم کي هن وٽ وٺي وڃڻ، حشوءَ جي جلاوطنيءَ وقت سيد وٽ چيتمل پرسرام سان ملاقات، جڏهن حشو پارٽ وڃي رهيو هو ۽ چيتمل جي اکين مان آبشار وهي رهيا ها. حشوءَ جي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد، جي. ايم. سيد جي ڪتاب ’نئين سنڌ لاءِ جدوجهد‘ Struggle for New Sindh) جي نالي سان ترجمو حشوءَ جو ٽائيپ رائيٽر تي سڌو ٽائيپ ڪرڻ، سيد سان محمد ابراهيم جويي جي معرفت پهرين ملاقات ۽ جناح اسپتال ۾ هن جي ديدار لاءِ وڃڻ، جڏهن هو بيهوشيءَ جي حالت (Coma) ۾ هو ۽ سئربين وانگر ٻيا ڇا ڇا منظر اکين اڳيان ڦري ويا ۽ سئربين جي شيشن وانگر ڪڏهن اڳتي ٿي ويا تہ ڪڏهن پٺ تي ۽ ڪڏهن انهيءَ دؤر جون تصويرون ٿي ناهيائون. جي. ايم. سيد جي پنهنجي باري ۾ مون کان بہ ڳالهيون وسري نہ ٿيون وسرن. هڪ منهنجي باري ۾ ٻي جي. ايم. سيد جي باري ۾ آهي. هڪ ڀيري جڏهن سَن ۾ مان اڪيلو هن جي اوطاق ۾ ساڻس ڪچهري ڪري رهيو هوس. اوطاق جي پڌر ۾ لالٽين ٻري رهي هئي ۽ چنڊ سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪنهن ڪشتيءَ وانگر لنگر انداز هو ۽ سيد چرچا گهڻا ڪري رهيو هو. تڏهن هن مون کي ٻڌايو تہ: "اياز! هڪ ڀيري گولاڙچي ريسٽ هائوس جي هڪ ڪمري ۾ سٽل هوس ۽ ٻي واري ڪمري ۾ هڪ وزير صاحب رهيل هو. اوچتو زالاڻو روئڻ جو آواز آيو. مان اسٽول تي بيهي روشن دان مان ڏٺو تہ هڪ ڀورڙي ڇوڪري وزير صاحب جي ڇاتيءَ سان لڳي بيٺي هئي ۽ روئي ڪيس چئي رهي هئي: "تون تہ مون کي رڻ ۾ ٿو رولين؟ مون بنا سوچ سمجهہ جي پنهنجي ڪنوارپ تنهنجي نذر ڪئي ۽ هاڻي شاديءَ جو واعدو ڪري تون ڦري ٿو وڃين!" ائين چئي هوءَ اچي سڏڪن ۾ پئي، وزير صاحب ڪيس ڇاتيءَ سان ڀيڪوڙي چُمي ڏني. چمي ڪُٿي نہ ٿي

* هي ’اوپيرا‘ اياز بزم صوفيا ۽ سنڌ ۾ نہ پر جي.ايم.سيد جي سالگره، 17 جنوري 1969ع تي سن ۾ پڙهي هئي. (ت.ج)

ڪُٿِي. جڻ ڪوهہ ۾ ٻوڪي جي رسي ٽُٽي پئي هئي. اياز جڏهن مون ابراهيم جويي کي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ هن سندس رنگ روپ ۽ وزير جو نالو پڇي چيو تہ: ”اها ڇوڪري تنهنجي منظور نظر بہ هئي، چڱو جو تون هن جي چڪر مان نڪري وئين.“ مون ٺهڪ ڏنو ۽ سيد کي چيو: اها ڇوڪري منهنجي عشقيہ شاعري آهي. مون کي هن جي مجبوريءَ ۽ بي وفائيءَ جي خبر هئي، پر اها هاڻي وساري ڇڏي اٿم. مون هن کي وڌيڪ چيو: فرانس جي اٿرسٽو ڪريٽ مادام دي سٽيل، جا آرٽ جي سرپرست هئي، تنهن چيو آهي تہ: ”عشق عورت جي زندگيءَ جي سرگذشت آهي ۽ مرد جي زندگيءَ ۾ هڪ واقعو آهي.“ مون کي بہ ان ڳالهہ جي پڪ ٿي وئي هئي، ان ڪري مون هن کي اوچتي الوداع ڪئي.“*

اڄ جڏهن مان هي سِٽون لکان ٿو تہ انگريز شاعر لوئي مئڪنيس (Louis Machneice) جون هيئيون سٽون ياد اچن ٿيون:

”ڪنهن منهنجي زندگيءَ ۾ خوشبوءِ ڇڏي آهي ۽ منهنجون ديوارون ٽپي وئي آهي ۽ پنهنجي ئي پاڇي سان رقص ڪندي ٿي وڃي ۽ سڄيءَ لنڊن ۾ هن جي چمين جون ساروڻيون پکڙيل آهن.“ جيڪڏهن لنڊن کي شڪارپور ۾ تبديل ڪيو وڃي تہ ڄڻ هي شعر مون لکيو آهي.

ٻيو واقعو سيد پنهنجي زندگيءَ مان ٻڌايو هو جڏهن جئپور پهتو هو تہ پنڊ ۾ سنڌي هندن هن کي ڪلهن تي کنيو هو. هو جيئي سنڌ تحريڪ جو باني هو ۽ هر شرنارٿي سنڌيءَ جي دل ۾ ميڻ بتيءَ جيان ٻري رهيو هو. جڏهن هو دهليءَ ۾ ڪٿي ترسيل هو تڏهن هڪ ارڙهين ويهين ورهين جي نوجوان صحافي ڇوڪري هن سان ملڻ آئي. سيد کي يڪدم ياد آيو تہ هن اهڙي صورت ورهاڱي کان اڳ ڏٺي هئي. جي. ايم. سيد مون کي ٻڌايو: ”مون هن کان پڇيو تہ: ”تون فلاڻيءَ جي پوٽي يا ڏوهٽي آهين ڇا؟“ ان تي انهيءَ ڇوڪري کيس چيو تہ: ”مان هن جي پوٽي آهيان. پر اوهان هن جي باري ۾ ڇو ٿا پڇو؟“ ان تي جي. ايم. سيد وراڻيو ”مان هن جو لور (Lover) عاشق هوس.“

”توهان هاڻ هن کي ڏسڻ چاهيندؤ؟“ صحافي ڇوڪريءَ چيو: ”هن کي فالج ٿي پيو آ هي. هوءَ ٽن مهينن کان بستري تي سنئين ٿي سمهي پئي آهي

* روشندان مان سيد نہ پر ٻئي جي نور محمد پليجي ڏنو هو جو جي.ايم.سيد جو دوست هو ۽ جنهن سيد کي اها ڳالهہ ٻڌائي هئي. (ت.ج)

۽ بيڊ پئن (Bed Pan) هن جي بستري تي رکيو آهي.“

اهو چئي جي. ايم. سيد ٿهڪ ڏنو. مون کي محسوس ٿيو جڻ گھاٽي ۾ ڪمند جي رس نپوڙجي رهي آهي. ڪيترو نہ ميٺاج هو هن جي گفتگو ۾. جڏهن مان هن جي ڪراچيءَ واري گهر ۾ هن کان طبيعت پڇي رهيو هوس تہ مون کي ٽي. ايس. ايليٽ جون ڪجھہ سِٽون ياد آيون:

”هتي آهيان، هڪ پيِر مرد، پنهنجي خشڪ ساليءَ ۾،
جنهن جو هڪ نوجوان مطالعو ڪري رهيو آهي.“

هر انسان فنا جي زد ۾ آهي. گوتم ٻڌ جڏهن نرواڻ پاتي، تڏهن هڪ عورت پنهنجو مئل ٻار وٺي ڪٿي آئي ۽ چيائينس تہ: ”تون ڀڳوان آهين، مون کي پٽ جيئرو ڪري ڏي!“

گوتم ٻڌ کي اهو ڏسي افسوس ٿيو تہ هو موت جي اڳيان بيوس آهي. سو هن کي چيائين: ”تون ساري ڳوٺ مان گهر گهر مان پڇي اچ ۽ اهو گهر مون کي ٻڌاءِ، جتي ڪوئي نہ مئو هجي تہ مان توکي پٽ جيئرو ڪري ڏيان.“

ٻئي ڏينهن تي اها عورت گوتم ٻڌ وٽ آئي ۽ هن کي چيائين: ”اهڙو گهر تہ ڪوئي بہ ناهي، جتي ڪوئي نہ مئو هجي.“

ان تي گوتم ٻڌ هُن کي چيو: ”جي موت هر انسان جو مقدر آهي تہ تون روئين ڇو ٿي؟“

آمريڪا جي مزاحيہ اديب مارڪ ٽُئن (Mark Towain) چيو آهي تہ: ”طويل عمريءَ جو الميو اهو نہ آهي تہ انسان پيرسن ٿي چڪو آهي، پر اهو آهي تہ هو اڃا جوان آهي.“

جي. ايم. سيد جيستائين مون ڏٺو تيستائين هن جا جذبا جوان ها. ان ڳالھہ کي الميو چئجي يا طربيہ، ان تي ڇا ٿو چئي سگهجي!

هڪ ڀيري اڌ رات جو قاضي فيض محمد منهنجو در اچي کڙڪايو ۽ چيائين تہ: ”اڳ تہ تو مجيب الرحمان جي روبرو جي. ايم. سيد جي پٺ رکي هئي، پر هاڻي ون يونٽ ٽٽي چڪو آهي، مشرقي پاڪستان ۾ عوامي ليگ هڪ ڪان سواءِ سڀ سيٽون کٽي چڪي آهي، ان ڪري تون سياڻي دوستن سان گڏجي اعلان ڪر تہ تو عوامي ليگ ۾ شموليت ڪئي آهي.“

مون کي ياد آيو تہ اگرتلا ڪيس مان شيخ مجيب جي رهائيءَ کان پوءِ

جي. ايم. سيد هن جي انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ڪراچي ۾ پرتڪلف دعوت ڪئي هئي ۽ ان ڪان پوءِ هن سان پنهنجي بنگلي جي پهرين ماڙ تي مخصوص نشست رکي هئي، جنهن ۾ جي. ايم. سيد، قاضي محمد اڪبر، محمد ايوب کهڙو علي محمد شاهہ راشدي ۽ آءٌ موجود هوس. جي. ايم. سيد، شيخ مجيب کي چيو تہ هو آغا غلام نبيءَ، کهڙي ۽ راشديءَ کي عوامي ليگ جي مرڪزي ڪميٽيءَ تي کڻي.

شيخ مجيب، جنهن سان پنج دوست ساڻ هيا، ان يڪدم جي. ايم. سيد کي چيو: "تنهنجي انهن فيوڊل ساٿين تي تہ مان پوءِ ويچار ڪندس. پهرين مون کي پنهنجو شاعر شيخ اياز مرڪزي ڪميٽيءَ تي ڏي، ڇو تہ منهنجا ساٿي رڳو هن کي هن جي شاعريءَ جي بنگالي ترجمي جي ذريعي سڃاڻن ٿا ۽ هن ڪان متاثر آهن. ٻيو تہ عوامي ليگ مڊل ڪلاس جي تحريڪ آهي فيوڊل ڪلاس جي ناهي. اقتدار ۾ اچڻ ڪان پوءِ هن کي مون کي سنڌ ۾ نهايت اهم ڪم سپرد ڪرڻو آهي." جي. ايم. سيد کي اها ڳالهہ نہ وڻي.

مون شيخ صاحب کي چيو تہ: "اڃا ون يونٽ نہ ٽٽو آهي ۽ تحريڪ ۾ ڪميونسٽ سوشلسٽ، انارڪسٽ، قوم پرست دانشور ۽ سنڌ دوست عوام شامل آهن. ڪي لينن جا پوئلڳ آهن، ڪي مائوءَ جا، ڪي مهاتما گانڌيءَ جا، ڪي مولانا آزاد جا ۽ ڪي فقط ٻيٽائيءَ ڪان متاثر آهن ۽ سر مارئيءَ ۾ قومي تحريڪ جون پاڙون ٿا ڳولين. هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت ۾ مان انهن سڀني ۾ رابطو آهيان. اڃا ون يونٽ ٽٽو ناهي، پر جڏهن اهو ٽٽو تہ مان عوامي ليگ ۾ ضرور شامل ٿيندس." جي. ايم. سيد سرهو ڏسڻ ۾ آيو ۽ شيخ مجيب جو منهن لهي ويو. ان تي علي محمد راشديءَ انگريزيءَ ۾ مون کي چيو: "شيخ صاحب، تون ان ۾ پنهنجي عزت افزائي نہ ٿو سمجهين تہ پاڪستان جو ايندڙ وزيراعظم توکي عوامي ليگ ۾ شموليت جي دعوت ڏئي رهيو آهي."

جنهن تي مون بہ کيس انگريزيءَ ۾ چيو: "هائو عزت افزائي تہ سمجهان ٿو پر پاڪستان جي نقشي تي، سنڌ جو وجود وڌيڪ اهم آهي. ون يونٽ جي ٽٽڻ ڪان پوءِ مان پاڻ شيخ صاحب کي درخواست ڪندس تہ مون کي عوامي ليگ ۾ کنيو وڃي." شيخ مجيب اُٿيو ۽ جي. ايم. سيد کي چيائين:

”دير ٿي وئي آهي. وري سياڻي ملنداسين.“

ٻئي ڏينهن تي هو ڪو بهانو ڪري نہ آيو ۽ ٽئين ڏينهن هو ڍاڪا هليو ويو.

11 بجي رات جو قاضي فيض محمد، جو عوامي ليگ ۾ سنڌ متحده محاذ جو نمائندو هو ۽ عوامي ليگ جو وائيس پريزيڊنٽ هو سکر ۾ منهنجي گهر آيو ۽ مون کي چيائين: ”مان سڀاڻي ڍاڪا مان ٿو اچان، ميٽنگ کان پوءِ شيخ صاحب مون کي چيو تہ : نواب شاهہ نہ وڃجانءِ، سڌو اياز وٽ سکر وڃجانءِ ۽ هن کي مون سان ڪيل قول ياد ڏيارجانءِ.“

مون، رشيد ڀٽي ۽ ڪجھ ٻين، ٻئي ڏينهن تي بيان ڏنو تہ اسان عوامي ليگ ۾ شامل ٿيا آهيون. ٽئين ڏينهن تي مون کي عوامي ليگ جي سيڪريٽري جنرل قمرالزمان جي تار پهتي تہ شيخ صاحب توکي مرڪزي ڪميٽيءَ تي کنيو آهي.

ان ڳالھ تي جي.ايم سيد مون تي رنج ٿيو. هن کي اها ڳالھ نہ وڻندي هئي تہ هن جو ڪوبہ ساٿي پاڻ فيصلو ڪري. ان تي مون کي رومن شهنشاهہ نيروءَ جي باري ۾ هڪ لطيفو ياد آيو. نيرو جام و مينا، رقص و رنگ ۾ وينو هو تہ ڪنهن غلام اچي هن کي ڪن ۾ چيو:” تنهنجي فلاڻيءَ ڪنيز خودڪشي ڪئي آهي.“

نيروءَ چرڪ ڀري ٽپو ڏئي اٿي چيو:” خودڪشي ڪئي اٿائين، منهنجي مرضيءَ کان سواءِ!“

جيستائين ٻي گڏجاڻي ٿئي، تيستائين مرحوم حاجي مولابخش سومري، مون کي شڪارپور مان فون ڪري پڇيو: ” ڇا مان عوامي ليگ جي ٻيءَ گڏجاڻيءَ تي ڍاڪا وڃان ٿو تہ هو مون لاءِ بہ هوائي جهاز ۾ رزرويشن ڪرائي.“

مون کيس چيو تہ : ” ڪارا ڪڪر ڇانئبا ٿا وڃن. معلوم نہ آهي تہ سياڻي ڇا ٿئي. منهنجي زال ۽ ٻار اڪيلا آهن. اسان جا سڀ جا سڀ مائٽ شڪارپور ۾ ٿا رهن. جيڪڏهن مون مناسب ڄاتو تہ مان ڍاڪا لاءِ پاڻ ئي ٽڪيٽ وٺندس، اوهان فڪر نہ ڪريو.“

ٻيءَ رات اسان کي ڪتڪو ٿي رهيو هو تہ اوڀر پاڪستان تي فوج ڪشي ڪئي ويندي ۽ ڀٽي صاحب ”اُڌر تم، اِڌر هم“ جو نعرو ڏنو آهي. سو مان، رشيد ڀٽي ۽ ڪامريڊ فتح الله عثماني هڪ صحافيءَ ۽ اي پي. پيءَ جي

نمائندي بشارت حسين وٽ، مارڪيٽ ٽاور ڏانھن ويندڙ رستي جي موڙ وٽ، سندس آفيس ۾ شام جو وياسين، ڇو تہ ھن وٽ ريوٽر مشين ھئي. اٽڪل ساڍي اٺين يا نائين وڳي رات جو ريوٽر مشين تي خبر آئي تہ شيخ مجيب کي گرفتار ڪيو ويو آھي ۽ ملڪ تي مارشل لا ھنيو ويو آھي.

اُتان مان، رشيد ڀٽي ۽ ڪامريڊ فتح الله عثماني اٿياسين. رشيد ڀٽيءَ ۽ عثمانيءَ جا ھٿ ڏڪي رھيا ھئا. مون بشارت جي آفيس مان نڪري، عثمانيءَ کي چيو: "مارڪيٽ مان چڪن ٽِڪا ۽ شراب وٺيو ٿا ھلون ۽ ماني تنھنجي گھر کائينداسون." وديشي شراب جو گتو بند تي ويو ھو. اسان ٽري جا ٻہ آڌيا، ڇھ چڪن ٽِڪا ۽ ٽي نان ورتا ئي مس تہ بجلي اُجھامي وئي. شايد اسان کي بلئڪ آئوٽ تي ھيرائي رھيا ھا. پوءِ تہ ھٿ ۾ ھٿ ڏئي، ڏھي تي شاھي بازار ۾ عثمانيءَ جي گھر ڏانھن وڌياسين. پنجن منٽن کان پوءِ بجلي اچي وئي تہ جلدي جلدي عثمانيءَ جي گھر پھتاسين. ايتري ۾ سائرن (گھگھو) وڳو ۽ ڪنھن عورت کي وارن کي ڇڪيو ٿي ويو ۽ وري بتيون اُجھامي ويون. اسان عثمانيءَ جي گھر جا دروازا بند نہ ڪيا ۽ پيٽروميڪس جي گئس بتي ٻاري سون. عثماني پاڻ تہ چکندو بہ نہ ھو پر مان ۽ رشيد ڀٽي ٽري جا ٻہ آڌيا پي وياسين ۽ گڏوگڏ ڇھ ئي چڪن ٽِڪا کائي وياسين، عثماني گھر جي رڌل ماني کائڻ ھليو ويو. رشيد مون کي چيو: "ھي عثماني آھي تہ ڪميونسٽ، پر نھايت شريف انسان آھي. پر ھيا ڪميونسٽ اسان سان پلئہ ڪندا، ڇو تہ ھنن نہ ٿي چاھيو تہ اسان عوامي ليگ ۾ شامل ٿيون. پيپلز پارٽيءَ وارا بہ اسان جي مخالفت ڪندا. ٽري ھاڻي وڃي رشيد ڀٽيءَ جو دماغ ورتو ۽ ھُو يحيٰي خان، شيخ مجيب ۽ ڀين کي گاريون ڏئي رھيو ھو جن ۾ عام ماڻھو بہ اچي ٿي ويا ۽ پورو ملڪ بہ اچي ٿو ويو.

مون کي نشو نھايت سنجيدو ڪري ڇڏيندو ھو. منھنجي اکين اڳيان پوري برصغير جي تاريخ ڦري وئي ۽ ڍاڪا ۾ رائيٽرس گلڊ جي گڏجاڻي ۽ اھا شام ياد آئي، جڏھن گلڊ جي سيڪريٽري جنرل ۽ پريزيڊنٽ ايوب جي سيڪريٽري قدرت الله شھاب اردوءَ ۾ صدارتي تقرير ٿي ڪئي ۽ ھڪ بنگالي اٿي بيٺو ۽ رڙ ڪري چيائين: "مسٽر شھاب انگريزيءَ ۾ ڳالھاءِ تہ اسان بہ سمجھون، نہ تہ اسان جيڪڏھن بنگاليءَ ۾ ڳالھائينداسون تہ اوھان ھڪ اکر بہ نہ سمجھي سگھندا." ان تي ھن کي سيڪيورٽيءَ وارن ڌڪا ڏئي

ٻاهر ڪڍيو ۽ شهاب اردوءَ ۾ تقرير جاري رکي. مون ٻڌندڙن کي ساميءَ جا منظوم ترجما ٻڌايا. جن مان ڪجهہ هندي لفظ هنن کي سمجهہ ۾ آيا ۽ هنن تاڙيون وڄايون، باقي فارسي آميز اردو شاعري ٻڌي هنن کي نانگ سنگهي ويو. الائجي ڇو منهنجي دل ۾ آيو تہ اڄ بنگلاديش لاءِ علحدگيءَ جي تحريڪ شروع ٿي. هڪ گڏجاڻيءَ ۾ اردوءَ جي نقاد عبداللطيف شادانيءَ هڪ بنگالي مصور جي هٿ ۾ ڪنهن ڪاري رنگ جي بنگالڻ جي تصوير ڏسي هن کان پڇيو: "ڇا ڪاري ڪنويلي ڪڏي اٿئي؟"

ٻئي پيري اردوءَ جي صحافي طفيل احمد جماليءَ ڪانءَ کي وڻ تي ٻوليندو ڏسي چيو تہ: "بنگاليءَ ۾ ڳالهائي رهيو آهي." ايتري نفرت جي اظهار مون کي انهيءَ نتيجي تي پهچايو تہ، بنگالي اسان سان گهڻو وقت گڏ رهي نہ سگهندا.

فوج ڪشيءَ جي ٻئي ڏينهن تي سکر بار ۾ وڪيلن جو ميڙ ٿيو. انهن ۾ اڪثريت پيپلز پارٽيءَ سان واڳيل وڪيلن جي هئي. مان بار جو صدر هوس. مون کي پنهنجي جونيئرس غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ حبيب الله شيخ صلاح ڏني (غلام مصطفيٰ شاهہ پوءِ سنڌ حڪومت جو لا سيڪريٽري هو جتي هو گذاري ويو. باقي حبيب الله شيخ اڃا تائين ڊپٽي اٽارني جنرل آف پاڪستان آهي.) تہ مان ميڙ جي صدارت ڪريان ۽ بنگال تي فوج ڪشيءَ جي حمايت ڪريان. پر مون کين جواب ڏنو تہ: "مان اهڙو بي مروت ۽ احسان فراموش ڪٿي آهيان، جو ڪجهہ ڏينهن اڳ شيخ مجيب مون کي عوامي ليگ جي مرڪزيءَ ڪميٽيءَ تي کنيو آهي ۽ اڄ مان هن جي گرفتاري ۽ اوڀر پاڪستان تي فوج ڪشيءَ کي صحيح سياسي قدم چوان! اهو مون کان نہ ٿيندو. اوهان ميڙ جي صدارت ڪنهن ٻئي وڪيل کان ڪرايو. مان موجود رهندس ۽ ڪجهہ نہ چوندس."

ٻئي ڏينهن تي ڪراچيءَ مان نڪرندڙ پيپلز پارٽيءَ جي هفتيوار Combat ۾ آيو تہ مون اوڀر پاڪستان ۾ فوج ڪشيءَ جي تائيد ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، ان ڪري مون تي قدم کنيو وڃي. ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن تي مون کي اٺ مهينا جيل ۾ رکيو ويو. مون کي پئسي جو تہ نقصان ٿيو پر اها فرصت وڏي غنيمت ثابت ٿي ۽ مون نظربنديءَ دوران سارو "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ۽ ان ۾ شامل ديپاچي طور نوٽ لکيا. "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ۾

مون سنڌ جا اڪثر ڪلاسيڪي سُر پنهنجي پيغام سان لکيا ۽ ان ۾ ئي شاعري بہ شامل ڪئي. اُن تي اشاعت ڪان پوءِ بندش نہ وڌائون، ڇوتہ سرڪار کي اڳيون تجربو هو تہ ”پؤنر پري آڪاس“، ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ۽ ”جي ڪاڪ ڪکوڙيا ڪاپڙي“ تي بندش سنڌ تي پيٽرول وارو ڪم ڪيو هو ۽ منهنجي هر ڪتاب جي هڪ هڪ ڪاپي ويهن ويهن ماڻهن پڙهي هئي ۽ ڪتاب بليڪ مارڪيٽ ۾ وڪاڻا هئا. منهنجي نظربنديءَ خلاف مير رسول بخش ٽالپر جي صدارت هيٺ سنڌ پيپلز پارٽيءَ ٺهراءُ بحال ڪيا هئا تہ مون کي هڪدم آزاد ڪيو ويجي ڇوتہ مان سنڌي قوم پرست آهيان ۽ اوپر پاڪستان جي علحدگيءَ سان منهنجو ڪوبہ واسطو ناهي ۽ نہ ئي اُن ۾ منهنجو ڪو مفاد آهي.

اوپر پاڪستان جي جدا ٿي وڃڻ ڪان پوءِ يحيٰ ڪان قِسي پيو. هڪ رات اڳ هن ريڊيو تي تقرير ڪئي هئي تہ جنگ اسان جي جاري رهندي ۽ ٻئي ڏينهن اوچتو جنگ بندي ڪئي وئي ۽ هڪ مهاجر جيلر مون وٽ روئندو رومال سان اکيون اگهندو آيو ۽ چيائين : ”اياز صاحب! پاڪستان جنگ هارائي.“ پوءِ اچي روئڻ ۾ ڇٽو. ان ڪان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو، چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيو ۽ يحيٰ خان کي جيل ۾ وڌائين، جو وسڪيءَ جي بوتل ۾ نورجهان ۽ بلئڪ بيوٽيءَ جون ساروٽيون ملائي موت تائين گذارو ڪندو هو.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، پنهنجي سؤٽ جناب ممتاز علي ڀٽي کي سنڌ جو گورنر ڪيو ۽ هن شهيد ڀٽي جي چوڻ تي جيل سپرينٽينڊنٽ کي فون ڪيو تہ شيخ اياز کي ڇڏيو وڃي. اهڙا آرڊر ڪيس جلد ئي پهچي ويندا.

مون کي آزاد ڪيو ويو. ٻاهر ڌرتي ۽ آسمان نئون ٿي لڳو. مان انيس سان گڏ سکر بئراج تان سنڌوءَ کي ڏٺو جا اڃا پنهنجي ڀرپور جوانيءَ ۾ هئي ۽ جنهن لوهي دروازن سان ٽڪرائي ۽ ان جي قيد مان آزاد ٿيڻ پئي چاهيو. مون کي اصغر گونڊويءَ جو هڪ شعرياد آيو:

آلام روزگار کو آسان بنادیا
جو غم ہوا اسے غم جاناں بنادیا.

(دنيا جي رنج ۽ الم کي آسان ڪري ڇڏيو
جو غم مليو ان کي محبوب جو غم بڻائي ڇڏيو.)

مون سوچيو تہ هنن اٺن مهينن سوڙو چوڏهن مهينا قيد سنڌ جي ٻلي ٿيو. اهي ڳالهيون تاريخ جي ڪاتي ۾ لکيون وينديون. تاريخ وياج تہ واٽين ڪان بہ وڌيڪ ڏيندي آهي، پر ڪيئن چئجي؟ پر ڪيئن چئجي، تہ اها وياج سان گڏ مور بہ ڪاٽي وجي! اڳ مون نظربنديءَ جو ذڪر فلئش بئڪ ۾ 'ساهيوال جيل جي ڊائري' ۾ ڪيو آهي. شايد ان ۾ مون لکيو هو تہ جيڪڏهن زرينا گهر ۾ هڪ ٻتي بہ ٻاريندي هئي تہ پاڙي جا مهاجر چوندا ها تہ دشمن کي اشارا ڏئي رهي آهي، ان ڪري پٿر هڻي اسان جي درن جا شيشا پڃي، انهن مان اندر متيءَ جا ٻڪ ڦٽي ڪندا هئا. اڄ شايد تاريخ هنن ڪان زرينا جي اذيت جو حساب وٺي رهي آهي. مون کي هاڻي پڪ آهي تہ تاريخ اهڙي سود خور آهي، جو سياست ڪان سود جي پائي پائي چڪائي وٺندي آهي. يو. ايس. ايس. آر ٽٽي وئي، پر روس اڄا شاعر مينڊالستام جي رت جي ڦڙيءَ ڦڙيءَ جو حساب ڏئي رهيو آهي. معصوم رت، جو استالن غصي ۾ بي سبب وهايو هو. مان پنهنجي آتم ڪهاڻي تاريخ وار (Chronological Order) نہ لکي آهي، فقط شعور جي وهڪري ۾ لڙهندو ويو آهيان. ڪڏهن گهٽو لهوارو لڙهي ويو آهيان تہ ڪڏهن اوپارو تري ٿو اچان. مون زندگيءَ ۾ خاص ورزش ترڻ جي ڪئي آهي. ترندي پاڻيءَ ۾ ٽاڦوڙا نہ هڻندو هوس، تہي ڏئي هڪ ڪنڌيءَ ڪان ٻيءَ ڪنڌيءَ تائين پهچي ويندو هوس. انهيءَ ترڻ جي مهارت جو ذڪر بيگاري واهہ جي باري ۾ لکيل ذڪر ۾ ڪري چڪو آهيان. سنڌ واهہ جو ذڪر جيڪو لوڪ رام ڏوڏيجا پنهنجي ڪتاب 'منهنجو وطن منهنجا ماڻهو' ۾ ڪيو آهي، اهو بي مثال آهي، اهو ڏيان ٿو.

"قلم کي طاقت نہ آهي تہ سنڌ واهہ جي موج ۽ لطف جو پورو بيان ڪري سگهان. اونهاري ۾ ان ۾ ٽي چار مهينا پاڻي ايندو هو تہ شهر ۾ خوشيءَ جي لهر ۽ غلغلو مچي ويندو هو. لکي در تان-ٽانگي وارا سنڌ واهہ تائين سواريءَ جا آنو ڏيڍ وٺندا ها، جو شهر ڪان ڏيڍ ميل ڪن پري هوندو هو. اتي شهري، حلوائيءَ نان وائيءَ ۽ رانديڪن جا دڪان اچي کوليندا ها. تيل، ميٽ، انگوشا، ڪدو توريون، پٽسي تڪي مسواڙ تي ملنديون هيون. اتي ڪنهن نہ ڪنهن دوست دڙي يا مائٽ سيٺين جا بنگلا هوندا هئا ۽ آرام ده فرنيچر ۽ غلم غاليچا پيا هوندا ها. هر هڪ ڏنڌي وارن پٽنچاتين جون جڳهون بہ هونديون هيون، جن ۾ ٻاسڻ، برتڻ، فراس وغيره رکيا هوندا ها. واهہ

تي پڪا گهاٽ ۽ ٿلها نهيل هوندا ها. ڪنارن تي پپل ۽ نمن جي ٿڌي ڇانءَ ۾ تڏا يا ڪتولا پيا هوندا ها. اونهاري ۾ ٻنيءَ جهڙيءَ گرميءَ ۾، اتي پاڻيءَ جي وهندڙ ڪناري تي ڇانوَ ۾ ٿڌي هير پئي لڳندي هئي تہ راحت اچي ويندي هئي. ڪٿي تاس، چوپڙ، ڪٿي راڳ جي محفل، ڪٿي ڪٿا ڪيرتن، تہ ڪٿي غريبن لاءِ لنگر لڳو پيو هوندو هو. دڪاندار ڏاڍي صفائيءَ سان دانگيءَ جي ماني لوڻ مرچ وجهي پچائيندا ها ۽ ان ۾ بصر ۽ ڏاڙهون ڪٽا وجهندا ها. جيڪا ٽڪي آني ڏيندا ها. تنهن سان دال ۽ چٽڻي مفت ۾ ملندي هئي.

اهڙو ڪو شڪارپوري ورلي هوندو جو ترڻ نہ ڄاڻندو هجي. اها هئي سنڌ واهہ جي مهرا جيڪو تيڪو امير غريب، هندو مسلمان، انگوڇا ٻڌي، لڱ اگهاڙا ڪري، تڙگڻ، ٽپيون ۽ ٽپا ڏيڻ ۾ هڪ جهڙو پيو لڳندو هو. لاٽ پوڻ لاءِ واهہ جو ڪنارو وٺي، هڪ ميل مٿي پڪيءَ پل کان، پاڻيءَ ۾ وهندو اچبو هو. واٽ تي گهتان ڏٺي پاڻيءَ اندر شرطان بہ پچائبيون هيون. پيٽ هيٺان رکيل دلي مان انب ڪڍي چوسبا وجبا ها. ائين سيتل جل جي وهڪري ۾ روماني جذبات پڙڪو کائيندا ها ۽ يار لوڪ ڳنَ تي هٿ رکي ڏوهيڙا يا بيت ڳائيندا تڙگندا ويندا ها.“

”سنڌ، اهو روماني ديس هو جتي رک رکاءُ نہ ڪندا ها، پر اظهار ڪري موج مستيءَ ۾ رهندا ها. سنڌ واهہ جي لطف کان زالون بہ وانجهيل نہ هيون. انهن لاءِ وڏين پٽين وارو هڪ جدا گهاٽ هوندو هو جتي اهي بہ تڙگنديون هيون ۽ ٽپا ڏينديون هيون. پوءِ آکهہ سان گڏجي دڪان تان سودا وٺي، چوڏولن ۾ چڙهڻ ۽ لڏڻ جا مزا وٺي واپس ورنديون هيون. واهہ جي ڪناري ڪٿي لغڙن اڏائڻ جي چٽاپيٽي لڳي پئي هوندي هئي تہ ڪٿي تتر ۽ ڪڪڙ پيا ويڙهائيندا ها. ملاکڙي جو دهل وڄندو هو تہ خلق اچي ڪٺي ٿيندي هئي ۽ شرطون لڳڻ شروع ٿي وينديون هيون. جڏهن آغا صوفي يا ڪوئي ٻيگت اچي آلاپيندو هو تہ ماڻهو سڀ ڪم ڇڏي اچي مڙندا ها. شام جو جتي ڪٿي پنگو پيو گهوٽبو هو ۽ اهو نہ رڳو دوستن سان گڏجي پيئندا ها، پر ڏارين کي بہ ناهين نہ ڪندا ها. ٻہ چار دفعا اهو حال بہ ٿيو جو منهنجي چاچي هڪ پنيان پيو سُکي جو ڪونڊو ناهيو تہ اوپرا ماڻهو اچي خلاص ڪنس ۽ پنهنجي لاءِ چڪڙي بہ نہ بچيس. اُهي فقير پنگي جا گلاس بہ پيا

ڏين ۽ چون پيا: ”مست قلندرا جيڪو پيئي سو جيئي.“ ”واهہ ڊولڻ واهہ، واهہ جون ٿاڌل ۾ باداميون وڏيون اٿئي. اصل تراوت ڏئي ڇڏيئہ!“ بدلي ۾ اهي مولائي فقير، ڇڙيل وار، اکيون ڳاڙهيون، پيرن ۾ گهنگهرو ۽ يڪتاري تي سچل سائينءَ جو ڪلام ڳائي موج مچائيندا ها.“

مٿيون نثر، نظم جي سرحد کي ڇُهي ٿو. مان فقط ايترو وڌائي ٿو سگهان تہ اسان جا پاڙي وارا بہ سنڌ واهہ تي مجلسون ڪندا ها ۽ جيستائين مُند مٿبي هئي ۽ سرءُ ۽ تپاوليءَ جي مند ايندي هئي ۽ درياهہ ۾ ميڇيءَ جي ڪجهہ ڏپ ٿيندي هئي، تيستائين ويندا رهندا ها. اسان ۽ هندن ۾ فرق اهو هوندو هو تہ هندو گوڏن تائين انگوڇا ٻڌندا ها ۽ اسان پيرن تائين گوڏ ٻڌندا هئاسين. هونءَ مذهب جي فرق جي باوجود، سيني سنڌين جون صورتون هڪجهڙيون هيون.“

سنڌ واهہ تي حيدرآباد، سکر جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي مان ماڻهو ايندا ها. واهہ جي پر تي پوليس جون چوڪيون، ٽانگا اسٽان، مندر ۽ مسجدون هونديون هيون. جمعي ۽ آچر تي ماڻهو هزارن ۾ هوندا ها ۽ پنهنجي هٿن سان ڪاڏو تيار ڪري، پنهنجي پنهنجي مجلس کي ڪارائيندا ها. بہ وڏا ميلا چاليهو ۽ نوروز لڳندا ها. شيخ واجد علي واهہ تي مجلسون ڪرائيندو هو ۽ ٻارن کان اٺ اٺ آنا ۽ وڏن کان رپيو وٺندو هو. بنگلي ۾ لٽا ۽ بوٽ لاهي، گوڏ ٻڌي، اچي بنگلي سامهون ويهندا هئاسين ۽ ڳچيءَ تائين پاڻيءَ ۾ هوندا هئاسين. ڪاڏي ۾ ٻاڪري گوشت جو پلاءُ، زردو ۽ انب هوندا هئا. مان پاڻ کان ڪائي ننڍي ڇوڪري، ٽيوب ۾ ڪٽي لاٽ پوندو هوس ۽ پڪيءَ پل تائين هن جي بدن جو ڇهاءُ جسم کي گرمائيندو هو. ڇوڪريون انگوڇا ٻڌنديون هيون ۽ ٽيوب ۾ مٿي وچ ۾ تي ويهنديون هيون ۽ پاڻي ڏڪ لاءِ ڪافي هوندو هونِ ۽ ڪنهن انجير جي پن جي ضرورت نہ پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن زالن جي گهاٽ وٽ، پپر جي ڇانءَ ۾ وينٽل هم ڪلاسي ڇوڪرين ڏيا، مَنو سرسوتيءَ تي نظر پوندي هئي تہ انهن کي وري وري ڏسڻ لاءِ ٽوري پنڌ تان واري واري لاٽ پوندو هوس. اهي پوءِ ائين گم ٿي ويون، جيئن پپل جي ڇانءَ سانجهيءَ کان پوءِ گم ٿي ويندي هئي ۽ گهاٽ تي اداسائي ڇائنجي ويندي هئي.

واهہ جي پر تي انبن جا باغ هوندا ها. جتان لڪ چوريءَ اڌ ڪچا انب پٽيندا هئاسين. شام جو جڏهن تڙٻگي تڙٻگي ٽڪجي هج تي پوندا هئاسين،

تڏهن ٽانگي تي واپس لکيدر تي لهندا هئاسين. جتان ٿورو پنڌ ڪري شيخن جي پاڙي ۾ پهچندا هئاسين.

مون پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جا بار بار نوٽ وٺي، ان کي مڪمل ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو هو انهن مان ڪي نوٽ منهنجي نوٽ بڪن ۾ آهن، جي مان جيئن جو تيئن ٿو ڏيان.

شڪارپور جي گوشت مارڪيٽ کان ڪجهہ پنڌ تي پير اسماعيل شاهہ جو ميلو ڏوم ڏام سان لڳندو هو. اهو ميلو سنڌ جي وڏن ميلن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو ايندا ها. تي ڏينهن برابر ناچ گانا ۽ ملاکڙا ٿيندا ها. چونڊ ملهہ ايندا ها. ڏمالون، ڳجهارتون، آکاڻيون، ڪاڏي پيتي جا دڪان مطلب تہ جيئن ڀٽ شاهہ يا قلندر شهباز تي ميلو لڳندو هو ائين رونق هوندي هئي.

شڪارپور ۾ جيڪي بہ ڏنڏي وارا رهندا هئا، انهن جي باري ۾ مون سارو تفصيل ڄاتو ٿي، ڇو تہ مون انهن جي زندگي ويجهڙائيءَ کان ڏٺي هئي.

”پؤنر پري آڪاس“ ۾ منهنجي هڪ نظم جون پهريون بہ مصراعون آهن:

”هي ميرانجهي سانجهي آ، يا ڏوڙ ڏئي جي جهول،
چاڻ ستارا چمڪي نڪتا، ان مان سونَ سمان.“

’ڏوڙ ڏئي‘ جي باري ۾ شاهہ لطيف ڀٽائيءَ کان وٺي هن وقت تائين ڪنهن بہ شاعر نہ لکيو آهي. انهن جي زندگين ڏانهن مون پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪجهہ اشارا ڪيا آهن:

رات گڏي وينجهر جي ڏيءَ،
جنهن جون اکڙيون هيري ڪاڻ.

❊

جي تون سچ صراف، ڦورو ڦول تہ مان وچان،

❊

تُنهنجا سپنا اهڙا جهڙا پاتوليءَ جا هٿ،
مُنهنجا سپنا اهڙا جيئين ارجن جي هٿ رٿ.

❊

گهاڙوءَ گهڙيو ڪونہ، ڳهڻو تنهن جي ڳل جيان،
سورٺ توتي ڇونہ، ور ور مان واريو وڃان.

ڪورين جو ذڪر منهنجي سُر ڪاپائتي ۾ مهاڻن جو ذڪر نوري ڄام تماچيءَ ۾ آهي. جيڪي 'ڪپر تو ڪن ڪري' ۾ شامل آهن. ساڳئي ڪتاب ۾ لوهرن جي باري ۾ مسلسل بيت، "اڳ نہ اهڙا آڳرٽيا" لکيا آهن. ڪجھ ٻين ڌنڌن جو بہ ذڪر آهي، جي مون غور سان ڏٺا ها، پر شعر وسري تا وڃن. مثال طور هڪ هنڌ سوناري جي ڪوٺاري شعر ۾ ڪم آندل آهي.

اڄ جميل الدين عاليءَ جو ڪارڊ پهتو آهي. هڪ پاسي عقاب جي تصوير آهي ۽ ٻئي پاسي عاليءَ جو خط آهي، جو عاليءَ سعودي عرب مان لکيو آهي. هن خط ۾ لکيو آهي تہ: 'هن حرمين شريفين ۾ منهنجي لاءِ دعا گهري هئي تہ مان جلد صحتياب ٿيان ۽ وڌيڪ تخليق ڪريان." عالي سن 1947ع کان منهنجن ڪافي هائوس جي دوستن مان هيو ۽ اڄا تائين اسان جا دوستانا تعلقات آهن. پر هن جي باري ۾ تڏهن لکندس جڏهن 'آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ' جي باري ۾ لکيم. في الحال اهو چوڻو آهي تہ: "اميد تہ عاليءَ جي دعا خدا تعاليٰ جي درگاھ ۾ مستجاب ٿئي ۽ مان نہ رڳو آتم ڪهاڻي، 'ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر' جو ٻيو حصو لکي سگهندس، پر ان جو آخري حصو 'ڪٿي بہ پيچبو ٽڪ مسافر' بہ لکي سگهندس. اها ازلي قوت جا هن ڪائنات کي هلائي رهي آهي، ان جي مهر سان، زندگيءَ جي ساري پريشانيءَ کي پاسي رکي، هر رنج و الم، حسن ۽ دوستيءَ کان مٿي اُبري، ان ڪم کي توڙ تائين پهچائيندس.

ڪنهن چيو آهي: "ڪوبہ ماڻهو پنهنجي لاءِ جزيرو نہ آهي. هر ماڻهو پوري انسان ذات جو حصو آهي. هر ماڻهوءَ جو موت مون کي سُسائي ڇڏيندو آهي، ڇاڪاڻ جو منهنجي انسان ذات سان وابستگي آهي." ان ڪري ئي مون کي اونو رهندو آهي تہ گهنڊ ڪنهن جي لاءِ گُرڙي رهيو آهي.

وڏا ماڻهو ياد ڪري مون کي ٿي چوٽيون ياد اينديون آهن. پهرين تہ ٿامس ڪارلايل جي آهي: "جي ڪوئي پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏو ماڻهو آهي تہ پنهنجي موت ۾ هُو ڏھ ڀيرا وڏو ماڻهو ٿي ويندو."

ٻي چوٽي مون کي تڏهن ياد آئي، جڏهن جمال ابڙي فون تي چيو تہ هو پنهنجي آتم ڪهاڻي "ڪتا" جي نالي سان لکي رهيو آهي. ٻي چوٽي هئي ايلزبيٿ ٽيلر جي تہ:" تون رڳو پنهنجي موت کان پوءِ ئي ڏند ڪتا ٿي سگهندو آهين."

ٽين چوٽي هئي انهيءَ جينيس البرٽ ڪاموءَ جي، جنهن ڪٿي (غالباً نوٽ بوڪ ۾) لکيو هو تہ :" انسان ذات تنهنجي دليلن، تنهنجي سچ ۽ تنهنجي ساريءَ ڪاوش جي سنجيدگيءَ جي باري ۾. رڳو تنهنجي موت ڪان پوءِ ئي سوچي سگهندي." ڪامو "پليگ،" ۽ "اجنبي" ڪتابن جو مصنف هو جن مان سندس دؤر جو گهرو شعور ٽپڪي ٿو.

ڪيئي يار دوست وچي انسان ذات جي اڪثريت سان مليا آهن، انهن مان ڪنهن سان وري ملاقات نہ ٿي آهي، جو هنن ڪان پڇي ڏسجي تہ هنن اڳتي ڇا ڏٺو آهي؟ ڪيئي دوست ۽ واقفڪار مون کي ننڊ ڪان اڳ اڃين ورائي ويندا آهن، جيئن ڪي شب گرد اوچتو نيري غار مان نڪري پر ڦڙڪائيندا هجن. شيخ مجيب کي گولي هنئي وئي. ان وقت مان ايم. پي.اي هاسٽل ۾ بيڊ ٽي (Bed Tea) پي رهيو هوس، جو سراج ميمڻ مون کي فون تي اها ڳالهہ ٻڌائي هئي، تڏهن ڪوپ منهنجي هٿ مان ڪري پيو هو ۽ ڇيهون ڇيهون ٿي ويو هو.

شهيد پٿي جي قاسيءَ جا پرون مون کي تڏهن ٿي پيا، جڏهن مان پنهنجي جونيئر غلام مصطفيٰ شاهہ وٽ ويٺو هوس، جو ان وقت حيدرآباد ۾ ايڊيشنل سيشن جج هو. غلام نبي خان پٺاڻ، جو سينيٽ جو وائيس چيئرمئن هو هن جي ڳوٺ سلطان ڪوٽ جو رهندڙ هو ۽ غلام مصطفيٰ شاهہ هن جو دوست هو هُن کيس فون تي ٻڌايو تہ پير بخش پٿي (شهيد پٿي جي چاچي) هن کي ٻڌايو آهي تہ ڳڙهي خدا بخش ۾ پراسرار چرپر ٿي رهي آهي ۽ اڄ رات ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي. شهيد پٿي کي رسيءَ ۾ لڙڪايو ويو. جي.ايم.سيد ڪجهہ مهينا اڳ جناح اسپتال ۾ موت سان مهاڏو اٽڪائي گذاري ويو. مان جڏهن هن ڪان پڇڻ ويو هوس تہ مان ايترو بيمار هوس، جو هن جي فرزند امداد محمد شاهہ مون کي ڏسي چيو: "شيخ صاحب ايتري بيماريءَ ۾ اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي."

سبطِ حسن گلشن اقبال ۾ منهنجي گهر ڪان ڪجهہ پنڌ تي رهندو هو. مون هن کي فون ڪيو تہ : " مان هاڻي اوهان وٽ اچان؟" هن چيو:"ڀلي." ڪنهن سبب جي ڪري مان هن وٽ وڃي نہ سگهيس ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ هو هندستان ويو جتي هو دل جو دورو پوڻ سبب گذاري ويو. فيض احمد فيض آخري ڀيرو مون سان اسلام آباد جي انٽرڪانٽيننٽل ۾ علامہ اقبال جي ورسيءَ تي مليو. اُتي هن خشونت سنگهہ، لوئي فشر ۽ پروفيسر گئنڪو

وسڪيءَ سان منهنجي ساراهہ ڪئي. هو پنهنجي ڳوٺ سيالڪوٽ ۾ پيش امام جي حيثيت ۾ نماز پڙهائي لاهور موٽيو تہ گذاري ويو. فيض پنهنجي پهرين هارٽ اٽيڪ تي هڪ رقت انگيز نظم لکيو آهي، پر پوءِ بہ اڳي جيان پيئندو ۽ جيئندو رهيو. روسي اديبہ لدميلا مون کي ٻڌايو هو تہ هوءَ ڪيس جام تي جام ڀري ڏيندي هئي ۽ هو ساري ساري رات پيئندو رهندو هو ۽ ڪيس ڏسندو رهندو هو. لدميلا، فيض جي ورسيءَ تي ڪراچيءَ ۾ آئي هئي. هُن کي ڏسي مون کي ائنميري شمل ياد آئي هئي، جا ايراني ڪلچرل سينٽر ۾ اڌ رات تائين اسان سان بہ پي رهي هئي ۽ حسام الدين شاهہ راشديءَ کي گهوري بہ رهي هئي، جڏهن تہ هن جي گهور کي ڪائي ٻولي هئي، جا فقط اکيون ڳالهائيندڙيون آهن. انهن تي سوچي مون کي ڀٽائيءَ جو شعر ياد ايندو آهي.

مـــري نہ ميـهـــار، وٽـــاڻ نہ ولهو ٿئي،
وچـن جي وٽـاڻ جـــو ونـــگو ٿئي نہ وار،
ساهڙ مون سينگار، ماٺهن ليکي ميهڻو.

هي مرحوم محمد طفيل احمد آهي، جو سنڌ جو ڪنهن وقت چيف جسٽس ۽ گورنر هو ۽ مرحوم جمال الدين صديقيءَ جو دوست هو. ان منهنجي ضامن جي درخواست بنا فيءَ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي هئي، جا مسٽر خميساڻيءَ اڳيان ٻڌڻ لاءِ رکي وئي. مرحوم اي. ڪي. بروهي ڪنهن ڪيس سانگي لاهور ويل هو. جڏهن هُو موٽي آيو تہ مون هن سان ڳالهہ ڪئي. هن چيو تہ : ”مان ٿو وڪالت نامو داخل ڪرايان ۽ طفيل کي مدد ڪندس.“

عبدالحميد ابڙو جيڪو اڄڪلهہ سيشن جج آهي ۽ سنڌ ۾ منهنجو ۽ مرحوم اي. ڪي. بروهيءَ جو مداح، حيدرآباد ۾ هڪ ڀيري راڳ جي محفل ۾ راڳ ٻڌندي، اٿي بيٺو ۽ سندن وار اُپا تي ويا هئا. جڏهن ڳائڻي ڀٽائيءَ جو هيٺيون بيت ڳاتو هو:

مٿان مينهن نہ پُونِ، ساوا گاهہ نہ سومرا
مـــاڙيـچــون مـــحلـــن ۾، مُور نہ مٿو ڏونِ،
جـيـــڏين ڏاران جُونِ، عمر ڪاڏي هنين.

هي جسٽس خميساڻي آهي، جو ڪڏهن سکر ۾ بار جو ميمبر هو ۽

جنهن منهنجي قبل از گرفتاري ضمانت جي درخواست ان ڪري رد ڪري ڇڏي هئي، ڇوتہ ايڊووڪيٽ جنرل فقط ايترو بيان ڏنو هو تہ سکر جي انتظاميہ هن وقت شيخ اياز کي گرفتار ڪرڻ نہ ٿي چاهي. ان جو وڌيڪ احوال مون "ساهيوال جي ڊائري "۾ لکيو آهي. مان ساهيوال جيل ۾ هيس تہ جسٽس خميساڻي گذاري ويو هو ۽ ڪجهہ مهينا پوءِ مون اخبار ۾ پڙهيو هو تہ اهو ايڊووڪيٽ جنرل، جنهن منهنجي ڪيس ۾ مٿيون بيان ڏنو هو حيدرآباد مان ڪراچيءَ ايندي رستي تي ڪار جي حادثي مري ويو. مُئا ڪيڏا نہ وڳر ڪري ٿا ورن! ڪيڏا نہ واقف هئا، جي مٿي ڳڙڪائي وئي آهي. تمام ڊگهي فهرست آهي.

سنڌ متحده محاذ ۾ منهنجي خان بهادر کهڙي، علي محمد شاهہ راشدي ۽ قاضي اڪبر سان شناسائي ٿي. علي محمد شاهہ مون کي ڏاڍو پائندو هو. هُو منيلا ۾ سفير هو تہ پٺيان ايوب خان مارشل لا ريگيوليشن 164 لاڳو ڪيو هو. هن منيلا مان مون کي خط لکيو تہ مان هن جو زمينن جي باري ۾ ڪيس هلايان، جي حڪومت ٿي کنيو وئي. مون خط ڏسي هن جو ڪيس کنيو ۽ هن ڏانهن وڪالت نامو موڪليم تہ صحيح ڪري موڪليائين.

مير آف خيرپور ۽ پير پاڳاري جون زمينون مارشل لا ريگيوليشن جي زد ۾ اچي ويون، پر علي محمد راشديءَ جي هڪ انچ بہ زمين نہ وئي. هن جو ڀاءُ پير حسام الدين شاهہ راشدي منهنجو ڪافي گهرو دوست هو. هنن جي مانيءَ جي دعوت ۾ هن، غلام رباني آگري، مولوي عبدالواحد سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ٽہ جلدي تاريخ سنڌ جي مصنف مولوي عبدالحق قدوسيءَ سان ڊگهيون ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ جڏهن آغا بدرالدين دراني جي ڳڙهي ياسين جي فارم تي ائن ميري شمل سان ويو هو تہ مون کي گڏ وٺي هليو هو.

علي محمد شاهہ راشدي هڪ ڀيري مون کي چيو تہ : " فلاڻي کي مون چيو تہ شاهہ لطيف کان تون وڏو شاعر آهين."

هن چيو تہ : " اهو وڏاءُ آهي." تنهن تي مون وراڻيس تہ : " وڏاءَ جا ٻہ سبب ٿي سگهن ٿا : هڪ تہ مون کي سنڌي ٻولي نہ ايندي آهي، ٻيو تہ مون شاهہ لطيف کي نہ پڙهيو آهي ۽ ٽيون تہ شاهہ لطيف جي پونين سان منهنجو ڪوئي ملڪيت جو تڪرار آهي."

مون راشديءَ صاحب کي چيو تہ : " سائين، مان پٽائيءَ جي پيرن جي

خاڪ، جي ڀٽائي نہ هجي ها تہ منهنجي شاعري وجود ۾ ڪيئن اچي ها. توهان اهو چئي سگهو ٿا تہ مان ڀٽائيءَ جو تسلسل آهيان، پر اها ٻي ڳالهہ آهي، هن سان همسريءَ جو اظهار نہ آهي. بهرصورت مون کي اوهان جي ڪيس جي ڦي ملي وئي.“ مرحوم علي محمد شاهہ راشديءَ منهنجي پٺيءَ تي هٿ هڻي چيو تہ: ”پنهنجو پاڻ سڃاڻ، اٿي قيمت سندو قطرو. توکي ڪهڙي خبر تہ تو ۾ اجا ڪهڙو خزانو دفن آهي.“

مون چيو: ”سائين، ڀٽائي ولي الله هو، مون گنهگار جي هن سان ڪهڙي ڀيٽ آهي؟“

علي محمد شاهہ جواب ڏنو: ”اها ٻي ڳالهہ آهي.“ پر پوءِ ٺهڪ ڏئي چيائين: ”تجهي هم ولي سمجهتي، جو نہ باده خوار هوتا.“ مون ڀانيو تہ راشدي مون تي طنز ڪري رهيو آهي.

قاضي اڪبر جڏهن اسپين ۾ پاڪستان جو سفير هو تڏهن منهنجي هن سان گهرائپ گهٽ هئي ۽ رڳو ڪجهہ سال اڳ پنهنجي اورينٽ هوٽل ۾ مون کي چانهہ پيئندو ڏسي، هو مون سان هم ڪلام ٿيندو هو ۽ هڪ ڀيري چيو هئائين: ”نوجوان، ڏسان ٿو تہ تون اها خدا سان سرڪشي ڪيترو وقت ڪري ٿو سگهين!“ جڏهن هو سفارت جي عهدي تان استعفيٰ ڏئي آيو تڏهن مون هن جي ڄام شوري ۾ دعوت ڪئي هئي. ان ڪان پوءِ هو هر هفتي پنهنجي گهر منهنجي دعوت ڪندو هو ۽ پنهنجي گوناگون زندگيءَ جا تجربا ٻڌائيندو هو.

هي مير رسول بخش ٽالپر آهي، جيڪو گجرات جيل مان ڪراچيءَ جيل ۾ بدلي ٿي آيو هو جنهن سان مون کي ساڳئي سيل ۾ رکيو هئائون. ٻنهي جي ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن هلڻي هئي. هو پنهنجي جيل راشن جا روزانہ مليل پئسا مون کي ڏئي ڇڏيندو هو ۽ مون کي جيڪي وٽندو هو سو گهرائيندو هوس. مير صاحب فقط منجهند جو ٿماٽن سان ماني کائيندو هو ۽ چوندو هو تہ نہ هو ناشتو ڪندو آهي ۽ نہ رات جي ماني کائيندو آهي. اسان وٽ سرڪاري مشقتي (برداشتي) هو جيڪو بورچيءَ جو ڪم بہ ڪندو هو. هن ڪان جڏهن مون احوال ورتو تہ هن ٻڌايو تہ: ”ڪنهن جرم لاءِ ڪورٽ ڪيس نوَ مهينا ٽيپ ڏني هئي. هڪ ڀيري مان هن کي چيو تہ: ”تون لڪڻ ڄاڻين.“ هن جواب ڏنو تہ: ’ها!‘

مون هن کي چيو تہ: ”لک، مون کي هي شيون پنهنجي اڪائونٽ مان گهرجن“

مان هن جا انگريزيءَ ۾ اکر ڏسي حيران ٿي ويس. ڪو ڪاتب بہ اهڙا سهڻا اکر لکي نہ سگهندو. هن پنهنجي غلطي محسوس ڪندي چيو: ”اياز صاحب! مون مئٽرڪ پاس ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڪتابت تي ڏاڍي مشق ڪئي آهي. مون کي پڪ ٿي وئي تہ هو سي. آءِ. ڊيءَ جو هو ۽ ان ڪري هن کي اسان تي مسلط ڪيو هئائون. مير صاحب جو ايوب خان تي گارين جو ڦهڪو پوندو هو. مون هن کي ان لاءِ مشقتيءَ جو احوال ڏنو ”مير صاحب چيو تہ: ”جيل ۾ تہ اڳي ئي آهيون، ايوب خان وڌيڪ ڇا ڪندو.“

رسول بخش پليجو ۽ حفيظ قريشي حيدرآباد مان ٽرانسفر ٿي آيا. انهن جي سيل ۾ ڊاڪٽر رشيد حسن خان (مائوسٽ ليڊر) ۽ راحت حسين ڪاظمي، (جو پوءِ بينظير جي ڪئبنيٽ ۾ مِرڪزي هيلٿ منسٽر ٿيو ۽ جيڪو ماسڪو نواز هو) بہ هنن سان گڏ هيا.

هڪ ڏينهن اسان جيل ۾ پٽي جو ڏينهن ملهايو ۽ سيني سياسي قيدين جي دعوت ڪئي. حفيظ قريشيءَ چيو تہ: ٻاهران هن جو سمگلر دوست قاسم پٽني (ڪراچيءَ وارو) کاڌي خوراڪ لاءِ شيون موڪليندو. شام جو جڏهن مير صاحب جيل جو چڪر ڏئي رهيو هو تڏهن اسان واري سيل ۾ گلم وڇايو ويو ۽ ويهارو کن سياسي قيدين جي دعوت ڪئي وئي. تقريرون ٿيون ۽ مون کان انقلابي شعر پڙهايا ويا. سيني جي اڳيان ڪافي، بسڪيٽ، ڪيڪ ۽ سُڪو ميوو رکيو ويو. پوءِ خبر پئي تہ اهي سڀ مير صاحب جا ها، جيڪي هو ڪبٽ ۾ رکندو ويندو هو ۽ ناشتي ۽ رات جي مانيءَ بدران کائيندو هو.

هي ريشم آهي، جنهن منهنجي شاعريءَ کي ڪيئي پٽ جا جوڙا پاتا آهن ۽ جا ڪوجا قبرستان ۾ دفن آهي. هوءَ سنڌ جي پهرين جديد شاعره هئي.* هن کان اڳ ۾ ڪي اڻ پڙهيل سگهڙياڻيون شاعر ٿي گذريون هيون، جن جا نالا ’داسي‘ ۽ ’مرڪان شيخڻ‘ هيا. ريشم ساٿي رسالي جي، سندري اُتم چنداڻيءَ ۽ ٻين ٻن سان گڏ ايڊيٽر هئي. هن جا هيٺان بہ نظم ’ساٿي‘ جي نمبر ۾ ڇپيا هئا، جو ٽن سؤ صفحن تي مشتمل هو ۽ جو مون وٽ لائبريريءَ ۾

* شڪارپور جي روشن آرا مغل

ڪتي نہ پيچبو تَڪُ مسافر
ڪونہ آهي. انهن ٻن نظمن جون پهريون سٽون هيون:
پهريون: ’هن دنيا جي ويرانيءَ ۾ منزل ملندي يا نہ؟‘
ٻيو: ’مکڙي ڇا کان شرمائي؟‘
ان کان پوءِ مون، هن جا ٻيا بہ نظم پنهنجي رسالي ”اڳتي قدم“ ۾ ڇاپيا ها. جيڪو مان پنهنجي دوست لڇمڻ راجپال جي مدد سان ڪڍندو هوس. (لڇمڻ مون کي بمبئيءَ ۾ مليو هو. گهڻو ڪري انڪم ٽيڪس ڪمشنر ٿي رٽائر ٿيو هو.) انهن نظمن ۾ هڪ نظم آهي:

گهرو احساس
آءُ تہ مان توکي ٻهلايان،
نغمي جو جادو ڦهلايان
هلڪا هلڪا شيرين شيرين
توکي ڪيئي گيت ٻڌايان،
خاموشيءَ جون لهرون چيري،
تن جي سيني تي لهرايان،
ڳايان ڳايان تيسين ڳايان،
جيسين پنهنجي دل ۾ پايان.

دنيا ساري خواب
ساٿي
دنيا ساري خواب
اونداهيءَ ۾ جيڪا ڌهڪي
تاري جيئن دل منهنجي آهي.
پنهنجي هستيءَ کان گهٻرائي
چانڊوڪيءَ کي هر دم چاهي
تارو اونڌهہ ۾ هوندو آ
چانڊوڪيءَ ۾ هوندو ناهي
دوري ۽ مجبوري ڇا کان،
گڏجي پنهنجي دنيا ناهي
تارو ۽ مهتاب
ساٿي ساري دنيا خواب.

. هوءَ جا هاڻي خواب عدم ۾ آهي، ان جو ٻيو نظم آهي، جيڪو ’بيوس‘ جي انداز ۾ آهي.

او ساز زندگيءَ جا!
سُرَ ٿو سوين سٽائين
هر تار ٿو وڄائين
ڪنهن وقت ٿو ڪلائين
منهن زرد دل دکي آ،
ڪنهن وقت ڪل خوشيءَ جا،
ڇيڙين پيو ترانا
سمجهيا نہ مون نرالا
آواز زندگيءَ جا،
او ساز زندگيءَ جا!
او ساز زندگيءَ جا!
يا عيد هئي وطن ۾
۽ چاندني چمن ۾
يا دور ديس ڪان هان
۽ آ آماس من ۾
ڪولي نہ ٿو ٻڌائين
پر راز زندگيءَ جا
او ساز زندگيءَ جا!

ڪنهن وقت ڏس تہ ڳوڙها
ڇڻ ٿي ڏسان سپن ۾
انداز زندگيءَ جا،
او ساز زندگيءَ جا!
اڳ پوءِ ڏي نهاريون
۽ آس تي گذاريون
ڪلهہ ڪي نہ جو ساريون
ڪِن ۾ سوين مڪاريون

ڪٿي نہ پڄبو ٽڪ مسافر
لڪ ناز زندگيءَ جا
او ساز زندگيءَ جا!

پر هن جي زندگيءَ جو، جنهن جو وجود سراپا موسيقي هو، ساز اوچتو ٽٽي پيو ۽ جيڪي نغما انهن تارن ۾ سمايل ها، سي اڻ نہ سگهيا ۽ هميشہ لاءِ خاموشيءَ جو حصو ٿي ويا.

هي جمال صديقي آهي، جيڪو وڪالت ۾ منهنجو پهريون پارٽنر هو ۽ آخر تائين هم پيالا ۽ هم نوالا دوست بہ رهيو ۽ سکر ۾ وفات ڪري ويو.

هي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي آهي، جنهن بزم صوفياء سنڌ جي پهرين گڏجاڻيءَ ۾ چيو هو: ”سيد! هيءَ ڪهڙي چرپائپ آهي. صوفي سڀ مري کپي ويا. هي سوشلزم جو دؤر آهي، تو ڇا جي بزم صوفياء ٺاهي آهي؟“ جنهن تي مون سيد کي ٽيڪ ڏني هئي ۽ چيو هوم تہ: ”صوفي ڪميسار کان بهتر آهي، جو هن ۾ خوفِ خدا آهي ۽ ان ڪري هو ڪنهن تي ظلم نہ ڪندو. اهو نالو بهتر آهي. ڪافي وقت لڳندو جو هن حڪومت کي خبر پوندي تہ هي چريا صوفي ڪير آهن؟ ۽ ڪين ڇا گهربو آهي؟“

هي ع. ق. شيخ آهي، جنهن منهنجي ڪجهہ ڪتابن جا سرورق ٺاهيا آهن.* هن جي ڏيءَ ٻيلان ريشم جي ساهيڙي هئي ۽ منهجي دوست عبدالستار جي پهرين زال، جيڪو مون سان گڏ ايل. ايل. بي پڙهندو هو ۽ پوءِ ڪراچي هاءِ ڪورٽ جو ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل هو. ع. ق. شيخ سان منهنجون محمد ابراهيم جويي جي صحبت ۾ ملاقاتون هيون. پر جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، تڏهن مان، محمد ابراهيم جويو مراد علي مرزا ۽ آغا نور نبي گڏ ڪائيندا پيئندا هئاسين. ع. ق. شيخ هر روز پنهنجي ڪمري ۾ رکيل شيون ڦيرائي رکندو هو تنهنڪري ڪمرو نئون نظر ايندو هو. هن جي ڪمري ۾ ٺوريون شيون هونديون هيون. هن جون ڪجهہ نڪتل تصويرون، ڪئلينڊر ۽ بہ ٽي چينيءَ جون شيون هونديون هيون. هن کي ڏسي مون کي فيض احمد فيض جو اهو شعر ياد ايندو هو جو مونس بار بار دهرائيندو هو.

---

* ع.ق. شيخ، شيخ اياز جي ڪتابن: پؤنر پري آڪاس، وڃون وسڻ آيون، جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، ڪپر ٿو ڪن ڪري وغيره جا ٽائيٽل ٺاهيا هئا. (ت.ج)

پیو کہ مفت لگا دی ہے خونِ دل کی کشید
گراں ہے اب کے مئے لالہ فام کہتے ہیں

هو ڪٽ جي هينئان ديسي جِن جي بوتل ڪڍندو هو جو اُن مان علاو الدين جي جن وانگر نڪري ايندو هو. مون کي اڌ پيگ ڏيندو هو. مان ديسي شراب نہ پيئندو هوس، لاچار هن جي دل رکڻ لاءِ پي ويندو هوس. ع. ق. شيخ پوءِ پنهنجي رهائش واري جاءِ پنهنجي پيٽ کي موٽائي ڏئي، پاڻ وڃي حيدرآباد جي (بابن شاهہ) قبرستان جي پرسان جاءِ نهرائي هئائين، جتي هو جيئرن دوستن کان ڪنجي ويو هو رڳو نور محمد کوجو هن وٽ ويندو هو. جڏهن چنڊ قبرستان تي اڀرندو هو جنهن سان مصوريءَ جي دوران هن محبت ڪئي هئي، ان جون يادگيريون ڪنهن قبر تي ڪتبي وانگر ٻڌائيندو هو ۽ غالب جو غزل پڙهندو هو:

مدت ہوئی ہے یار کو مہماں کئے ہوئے
جوشِ قدح سے بزم چراغاں کئے ہوئے

(مدت ٿي آهي جو يار مهمان ٿيو هو
۽ جام ۾ ايترو جوش هو جو بزم ۾ ڏيئا ٻري ويا هئا.)

هو هڪ نهايت نهٺو انسان هو پر زماني جي بي اعتباريءَ ۽ دوستن جي بي پرواهيءَ جو شاڪي هوندو هو. جڏهن مان عبدالستار سان گڏ پڙهندو هوس تہ عبدالستار مون کي هن جا ڪجهہ نثر جا ٽڪرا ٻڌايا ها، جي جيڪڏهن سعادت حسن منٽو عصمت چغتائي ۽ راجيندر سنگهہ بيدي ٻڌن ها تہ هنن کي پگهر اچي وڃي ها. پر هن جي پيري، تنهائيءَ ۾ ايتري مجبور هئي، جو پٺائيءَ جو هيٺيون بيت بي اختيار ياد اچي ويندو هو:

پنڌ نہ پنڌن جيترو ڪيئن سُجهندي ڪيهہ،
جيڪر ڪريان ريهہ، چوندا مُنڌ چري هئي.

هن پڇاڙيءَ تائين ڪيهہ نہ ڪئي ۽ هن جو پنڌ پڇي ويو. مان هن جي قبر تي ويو هوس تہ پٺائيءَ جو هيٺيون بيت بار بار منهنجي چپن تي آيو هو:

پر پنجهوءَ ويهي، ڪهڙيون ڪندي ڳالهڙي،
خبر نہ پيئي، تہ ڏاج ڏنس ڪيترو.

اهو پيٽائيءَ جو ڪمال آهي، جو قبر کي ونيءَ جهڙي خوبصورت تشبيهہ ڏني اٿس.

هي ڪامريڊ اشرف آهي، جو مون سان ۽ هڪ اردو شاعر ساحل بلگراميءَ سان گڏ مرينا هوٽل ۾ اڌ رات تائين پيئندو هو ۽ بل پاڻ پريندو هو. هو. اسان کي مجاز، جوش ۽ فراق جا لطيفا ٻڌائيندو هو جن مان ڪجهہ جوش مليح آباديءَ، پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ "يادون کي برات" ۾ لکيا آهن.

اشرف هڪ رومانوي اشتراڪي هو ۽ پراسراريت هن کي وڻندي هئي.

هن بندر روڊ تي هڪ هندو واپاريءَ جي آفيس هٿ ڪئي هئي، جتي هو ڪميونسٽن جي گڏجاڻي رکندو هو. هڪ ڀيري هن 555 سگريٽن جو دٻو اونڌو ڪري، ان مان هيٺينءَ پنيءَ سوڌا سڀ سگريٽ ڪڍي، ان جي هيٺان گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا رکي تہ متان سي. آءِ. ڊيءَ وارا اوچتو ڇاپو هڻن. ٻئي ڀيري هن حيدر بخش جتوئيءَ جي دوست هاري ليڊر عبدالقادر ۽ منهنجي بندر روڊ تي ڪنهن بار ۾ دعوت ڪئي، جڏهن نشي ۾ ڌت هئو تڏهن هو چئي رهيو هو:

Sonara, I have served the in my own fashion.

(سونارا شاعر جي محبوبہ جو نالو) مون تنهنجي پنهنجي طريقي سان خدمت ڪئي آهي.)

هن جو مطلب هو تہ هن ڪامريڊن کي پياريءَ پارٽيءَ جي خدمت ڪئي هئي. مون اها سِٽ ڪنهن انگريزيءَ جي ڪتاب ۾ پڙهي هئي، جا شايد رابرٽ سئسون (Robert Sasoon) جي هئي، جو پهرين جنگِ عظيم ۾ ماريو ويو هو ۽ جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ وقت پنهنجي محبوبہ کي مخاطب ٿي چئي هئائين.

اشرف پيارو دوست هو. هُو مون کي نيپيئر روڊ تي هڪ رقاصہ مقصوديءَ وٽ وٺي هلندو هو جا نواب رامپور جي داشتہ رهي چڪي هئي ۽ اردوءَ جي شاعره بہ هئي. هُو هُن وٽ بہ ٽي ڪلاڪ ويهي، هن جا غزل ٻڌي داد ڏيندو هو ۽ هن کي بہ ٽي سوَ رپيا ڏئي ايندو هو. اشرف ڪافي وقت مون سان گذاريندو هو ۽ منهنجي اردو شاعريءَ جو مداح هو جا مان ترقي پسند مصنفين جي انجمن ۽ حلقۂِ اربابِ ذوق ۾ پڙهندو هوس. هن جي چوڻ تي مون کي انجمن ترقي پسند مصنفين جو وائيس پريزيڊنٽ ڪري ڪنيو

هٿائون. انجمن جو سيڪريٽري ظهور نظر هو جنهن جي باري ۾ مون ’جڳ مڙيوئي سپنو‘ ۾ لکيو آهي.

هڪ ڀيري انجمن، هندوستان جي مشهور اشتراڪي شاعر سردار جعفريءَ جي دعوت ڪئي. اهو 1947ع جو زمانو هو. سردار جعفريءَ تقرير ڪندي چيو: ”پاڪستاني شاعر فاشزم کان دور رهن.“ تہ هڪ نوجوان اردو اديب هن کان پڇيو: ” علامہ اقبال، لينن جو ترانو لکيو آهي، ڇا هن جي شاعريءَ ۾ فاشزم هئي؟“ ”ها، منهنجي جان هئي.“ سردار جعفريءَ جواب ڏنو.

پر هڪ ڳالهہ نہ ٿي وسري. هڪ ڀيري اشرف مون کي ميري ويدر ٽاور جي ڀرسان هڪ فارين بئنڪ غالباً گرنڊ ليز ڏانهن وڪٽوريہ گاڏيءَ ۾ وٺي هليو ڇوتہ اتي هن جو هڪ اينگلو انڊين ڇوڪريءَ مارگريٽ سان لنچ لاءِ وقت رکيل هو. مارگريٽ جا بئنڪ ۾ ملازمہ هئي، بئنڪ جي ٻاهران هن سان هڪ لڳي پندرنهن منٽن تي ملڻي هئي. اشرف وڪٽوريا واري کي ڪرايو ڏنو ۽ اسان بئي بئنڪ ٻاهران ٽين وڳي تائين بيٺا رهياسين، اوچتو ڪاروبار ڇانئجي ويو. مينهن بہ ڇوي اڄ نہ پوان تہ ڪڏهن پوان! اسان ڀڄي وياسين. هڪ ٽين جي ڇڄ هيٺان بيهي رهياسين. اوچتو مارگريٽ هڪ انگريز سان وڪٽوريا مان لٿي ۽ اشرف کي ڏنو نہ ڏنو ڪري بئنڪ ۾ هلي وئي. اشرف ٿڌو ساهہ ڀري مير جو هيٺيون شعر پڙهيو:

*ياد اس کی اتنی خوب نہیں میر باز آ*
*نادان پھر وہ جی سے بھلایا نہ جائے گا.*

ان ڳالهہ مون کي شيڪسپيئر جي ”جيئن توکي وڻي“ (As you like it) مان، ان جي ڪردار آرلنڊو جيَ سٽ ياد آئي تہ ، ”ڪيڏو نہ تلخ تجربو آهي جو خوشي ڏانهن ٻئي ڪنهن جي اکين سان ڏسجي!“

پوءِ اسان پنڌ موٽي آياسين. ڪجهہ وقت کان پوءِ هو گذاري ويو. هڪ ڀيري هو منهنجي فليٽ ۾ آيو (ان وقت مان ۽ حشوءَ جو سؤٽ ماڏو ان فلئٽ ۾ رهندا هئاسين ۽ چيائين تہ پوليس هن جي گهر تي هن جي پاءُ شرف کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپو هنيو هو پر هُو ڪونو ٽپي روپوش ٿي ويو. شرف، صحيح معنيٰ ۾ هڪ ڪميونسٽ هو. جنهن جي پارٽيءَ سان بيحد وابستگي هئي. هُو گرفتاريءَ جي ڀوَ کان اوير پاڪستان ڀڄي ويو ۽

تيستائين اوڀر پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان گڏ ڪم ڪندو رهيو جيستائين بنگلاديش نہ ٿيو.

هڪ ڀيري مان وئڪيشن ۾ زرينا سان گڏجي بئمبينو سئنيما تي ويو هوس تہ، اتي مون کي ڪامريڊ شرف ملي ويو. هن کي بنگلاديش جي ڪامريڊن بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر انهن ۾ جيڪي قوم پرست ها، هن جي برخلاف ٿي پيا. هن بنگلاديش ۾ خونريزيءَ جا لرزه خيز داستان ٻڌايا. ڪراچيءَ ۾ هو ريڙهيءَ تي سبزي وڪڻي ٻارن جو پيٽ پاليندو هو.

منهنجو ڪافي هائوس جو ساٿي عمر عابد زبيري، جيڪو فيڊرل سيڪريٽري مسرت حسين زبيريءَ جو ڀائيٽو هو جنهن جي معرفت منهنجي ٽرانسڪائيٽ موسيٰ بام جيءَ سان واقفيت ٿي هئي، سو بہ اوڀر پاڪستان ۾ سرگرم سياسي ڪارڪن هو ۽ موٽي اچي بنگلاديش تي ڪتاب لکيو هئائين ۽ ڪجهہ وقت اڱ گذاري ويو آهي.

هي محمد امين ڪوسو آهي، جو هوٽلن ۾ مهينن جا مهينا ٽڪيو پيو هوندو هو ۽ جيڪڏهن پئسو نہ هوندو هوس تہ اوڌر تي ضيافت ڪندو هو. نيٺ ڳوٺان پئسا گهرائي، پڪو ٺپي بل ادا ڪندو هو. هن حشوءَ کان فلسفي اسپينسر (Spencer) تي ڪتاب ورتي، مهيني ۾ پورو ڪيو ۽ تيستائين هن جي هوٽل جو بل ڪتاب جي قيمت کان ٽيهارو ڀيرا وڌي ويو.

هي ڪامريڊ جمال الدين بخاري آهي، جنهن پنهنجي ترقي پسنديءَ جي ثبوت لاءِ هڪ هندو عورت شانتيءَ سان شادي ڪئي هئي. جڏهن سندس پٽ مون سان لاڙڪاڻي ۾ گڏيو هو تڏهن جماعت اسلاميءَ جو ميمبر هو. ترقي پسندن کي چڙ هن جي ڏاڙهي ڏاڙهي رهي هئي.

هي مولوي عبدالواحد سنڌي آهي، جو 'نئين زندگي' رسالو ڪڍندو هو ۽ جو ڊاڪٽر ذاڪر حسين سان جامع مليہ ۾ رهيو هو ۽ جنهن جو تڪيو ڪلام 'چڏ زوراور' هوندو هو. هن تي مون گمبٽ ۾ هڪ غزل بہ لکيو هو. جيڪو اڃا غلام ربانيءَ کي ياد آهي. مولوي عبدالواحد سنڌي، پير حسام الدين شاهہ راشديءَ ۽ سينيٽر حسين شاهہ راشديءَ جو دوست هو. جڏهن ڪيس ڪائي بلو فلم ڏيکاريندا هئاسين تہ هُو سٽرن ۾ هٿ وجهي ٽنگون سڪڙيندو هو ۽ جيڪڏهن فلم اڌ ۾ بند ڪندا هئاسين تہ چرڪ ڀري چوندو هو 'چڏ زوراور! باقي بہ ٿي وڃي.' هو امير حمزي جي داستان مان عمر

خيام جي زنبيل وانگر ويھہ سير وزني ٿيلھو پاڻ سان کنيو وتندو هو جنهن ۾ ڪيئي اخبارون، رسالا ۽ هن جا ڇپيل مضمون هوندا ها. هن جي بي خوديءَ واري موجودگي، ڪوري ڪاغذ وانگر سادي ۽ هلڪي هوندي هئي.

هي عبدالحق قدوسي آهي، جنهن مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ تاريخ سنڌ جا ٿي حصا آندا ها تہ انهن تي هن کي پي. ايچ. ڊي ڊگري ڏيان. اهو بہ پير صاحب جي حلقي جو ماڻهو هو ۽ سينيٽ جي فيصلي کان اڳ گذاري ويو. جي ڪيس ڊگري ملي وڃي بہ ها تہ ڇا ٿئي ها؟ گذاري تہ هونئن ئي وڃي ها پر فريم ٿيل ڊگري هن جي گهر جي ديوار تي ٽنگي رهي ها. ڇا ڪي ماڻهو پنهنجي سنگ لحد تي بہ ايم. اي، پي. ايچ. ڊي لکن ٿا؟

هي ڪامريڊ پوهو آهي، جنهن وٽ مان روپوشيءَ دوران ويندو هوس، جو هر پيري شڪايت ڪندو هو تہ سندس ورتل شيئرس جي قيمت ڪِري پئي آهي. پڇاڙيءَ ۾ بہ اها ڳالھہ ڪندي، غالباً 1970ع ۾ گذاري ويو. مون هن کي هڪ پيري چيو هو تہ: فلاڻي عورت هن جي زندگيءَ جي وارياسي ۾ اڪيلو گل آهي، تہ هو منجهي پيو هو. ڇڱو جو هن کي اُهو ڏينهن ڏسڻو نہ پيو تہ انهيءَ گل جون واڇون ٽڙيل پڪڙيل پنکڙين وانگر ٿيون لڳن ۽ هوءَ هڪ گل جهڙي ڪنواري ڇوڪري نہ رهي آهي. پر هڪ سس آهي، جنهن کي ٿوهر جي شاخ جهڙي زبان آهي. ان وقت غلام رباني آگرو ٿهڪ ڏئي وينو هو. جڏهن بہ پوهوءَ جي ڳالھہ نڪرندي آهي تہ هو اها سٽ دهرائي ٿهڪ ڏيندو آهي. ٿهڪ ربانيءَ جي زندگيءَ ۾ ائين هيا، جيئن ستوڙيءَ جي زندگيءَ ۾ سِڪا هوندا آهن، جي هُو مٺيون پري اڇليندو آهي.

هُو منهنجو پيارو دوست نعيم صديقي آهي، جيڪو بحرين ۾ گذاري ويو ۽ جنهن جي باري ۾ مون اڳيئي لکيو آهي.

هو منهنجا هندوستان ۾ سنڌي دوست سگن آهوجا، نارائڻ شيام، موهن ڪلپنا، هري ڪانت، هرومل سدارنگاڻي، تيرٿ وسنت ۽ حشو ڪيولراماڻي آهن، جيڪي بہ گذاري ويا آهن ۽ انهن کي ياد ڪري پٽائيءَ جو هي بيت ٿو ياد اچي:

ڳچيءَ واريو ٻانهن، ويٺي روئي وڇن سين،
لايان لال لڱن کي، آئين جي چرو ڪانهن،
آءِ اوهان جي دانهن، سدا ٻڌان سَنري.

انهيءَ ڏکي لسٽ ۾ وقفو ضروري آهي. انهيءَ گل جي ياد اڃا تازه دم ڪري ٿي، جو اڃا تاريءَ تي آهي. هوءَ شاعره هئي.

مان جو بلبل هزار داستان آهيان. انهيءَ سان محبت جي سرگوشي بہ نہ ڪئي اٿم. فقط اسان جون اکيون، هڪٻئي جي اکين ۾ گم رهيون آهن ۽ انهن ۾ پنهنجا جڳ جڳانتر ڳوليندڙيون رهيون آهن.

هڪ ڀيري هوءَ منهنجي سٽ سان پنهنجي سٽ ملائي، مون سان هڪ سئنيما هال ۾ ويٺي هئي، پر مون هن جي ران جي اطلس ۽ ڪمخواب کي ڇهيو بہ نہ هو. پوءِ جڏهن هوءَ ٻيهر ملي تہ منهنجي اکين جا پيغام سمجهي وئي ۽ مان سندس اکين جا پيغام سمجهي ويس.

دک، پيڙا، خوشي ۽ سرخوشي، ڇا ڇا نہ سمايل هو اسان جي اکين ۾! نہ ڄاڻان اسان ڪهڙي جنم ۾ مليا هئاسين! امرتا پريتم ويجهي هجي ها تہ هن کان ڪنهن جوتشيءَ جو ڏس پڇان ها! مون هن جي ڇهاءَ کان سواءِ هن کي ڇهيو آهي. هن جي ڏيکاريءَ کان سواءِ هن کي ڏٺو آهي ۽ منهنجا ڪن ٻُرندا رهيا آهن، انهن ٻولن سان، جي ڪيئي سال اڳ هن ڪجهہ ٻوليا ۽ ڪجهہ نہ ٻوليا ها. مان هن جو ناءُ وٺڻ نہ ٿو چاهيان، پل تہ هوءَ منهنجي شاعريءَ جي پرولي رهي، جنهن جي پيڇٽي ڪنهن وٽ ڪانهي، سوا ان ريل گاڏيءَ جي، جنهن ۾ ويهي هوءَ مون سان گڏجي وڃي رهي هئي ۽ منهنجي دل ۾ آيو هو تہ هن کي آغوش ۾ ڇڪي وٺان.

هاڻ وري ٿو اچان لسٽ تي، جا مون وچ تي ڇڏي هئي.

مون کي موهن ڪلپنا سان بہ ڏاڍو پيار هو. هڪ ڀيري سال 1963ع ۾ الهاس ننگر ۾، سڳن آهوجا جي گهر ماني کائي، هن جي پڌر ۾ گلم وڇائي، ويهہ يا پنجويهہ اديب ويٺا هئاسين. مان هڪ ماڻهوءَ جو مشاعرو ٿي رهيو آهيان. ان رات مان وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي، رات جي ڏهين وڳي کان صبح جي پنجين وڳي تائين شعر پڙهي بس ڪئي تہ موهن ڪلپنا چيو: "اياز! تنهنجي شاعري ٻڌي راڻي پرتاب جي باري ۾ هڪ چوٽي ٿي ياد اچي. هڪ ڀيري راڻو چتور مان ڪجهہ ڏينهن ٻاهر ويو. چتور جي قلعي ٻاهران پيءُ پٽ ويٺا ها. اوچتو پيءُ پٽ کي چيو: راڻو موٽي آيو آهي. پٽ حيران ٿي ويو ۽ پيءُ کي چيائين: "ابا توکي ڪيئن خبر پئي تہ راڻو موٽي آيو آهي؟" پڻس جواب ڏنس: "تو تلوار جا زوردار سٽ زٻڪا ٻڌا؟ ايترا زور سان سٽ پيرا

زبڪا صرف راڻو ئي ڪري سگهندو آهي". ايتري زوردار رواني سان فقط تون ڏهين وڳي رات کان پنجين وڳي صبح تائين شعر پڙهي سگهندو آهين." مون کي پنهنجي شعر تي اهڙو داد ڪنهن نہ ڏنو آهي.

هن پيري جڏهن موهن ڪلپنا مون تي الهاس ننگر ۾ تقرير ڪندي چيو: شيخ اياز کي نوبيل پرائيز ملڻ گهرجي ۽ هن مون سان ڪچهري ڪري موڪلايو تڏهن مون موهن ڪلپنا ۾ پنهنجي موت جي اڳيات پريرٽا (علم سابقہ) (Pre-cognition of Events) ڏٺي هئي. هن هوٽل ۾ مون سان ڀاڪر پائي مون کي چيو: "الوداع! اياز! وري نہ ملنداسين!" مون کي اهو ٻڌي ڌڪ لڳو ۽ مون ائين سمجهيو تہ شايد هو منهنجي موت جي اڳڪٿي ڪري رهيو آهي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هو مون کي پنهنجي دوست گني سامتاڻيءَ جي گهر مليو جو بمبئي گورنمينٽ ۾ هوم سيڪريٽري آهي. جنهن منهنجي ۽ زرينا جي پنهنجي فليٽ ۾ ماني ڪئي هئي. اسان ڪافي وقت پيئندا ۽ گفتگو ڪندا رهياسين. مون هُن کي هڪ لطيفو ٻڌايو هو جو ٻڌي هو ڏاڍو کليو هو. يوگو سلوويا جي ڪنهن وقت وائيس پريزيڊنٽ ملووين جلاس پنهنجي ڪتاب 'استالن سان گفتگو' (Conversation with Stalin) ۾ لکيو آهي تہ: "اسان يوگوسلويا جا عيوضي استالن وٽ وياسين. استالن جي پالٽ بيورو جو دستور اهو هوندو هو تہ هو شام جو نوين وڳي کان وٺي صبح جو نوين وڳي تائين واڊڪا پيئندا ها ۽ ماني کائي شام تائين ننڊ ڪندا ها. انهيءَ وچ ۾ هو قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن تي فيصلا بہ ڪندا ها. استالن اسان کي بہ رات جو گهرايو هو. جيتوڻيڪ اسان ايترا بلانوش تہ نہ هئاسين, تڏهن بہ اسان ڪجهہ جام پيتا. جڏهن مون کي پيشاب لڳو ۽ مان باٿ روم ۾ ويس تہ مون کان اڳ مالوٽوف اتي بيٺو هو. مون کي ڏسي پينٽ جي زپ کوليندي چيائين:

"We load before unloading." "اسين پرجهڻ تا خالي ٿيڻ کان اڳ."

پر ائين ٿهڪڙن کان پوءِ جڏهن هن ڀاڪر پائي موڪلايو تڏهن بہ ساڳيا لفظ چيائين: "چڱو اياز وري نہ ملنداسين." ٻن ٽن مهينن کان پوءِ مون کي ڪراچيءَ ۾ خبر پئي تہ موهن ڪلپنا گذاري ويو. ڪي ڳالهيون واقعي انسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهن.

نارائڻ شيام کي ڪنهن بيوقوف ڊاڪٽر سياري ۾ گلوڪوز جي ڊرپ چاڙهي تہ هن کي ڪنبڻي وٺي وئي ۽ هو گذاري ويو. ڪونج ماهوار جو ايڊيٽر هري موٽواڻي، تڏهن هتي طارق اشرف وٽ ڪراچيءَ ۾ رهيل هو. ان وقت منهنجي طبيعت ڏاڍي خراب هئي. طارق اشرف جڏهن هُن کي اهو ٻڌايو تہ هو منهنجي گهر پڇندو آيو. مون تيستائين 'سرُ نارائڻ شيام' لکي ورتو هو جو هري موٽواڻيءَ کي ڇاپڻ لاءِ سپرد ڪيم. هن اهو نهايت سهڻي گيٽ اپ سان ڇپرايو. شيام جي باري ۾ مون پنهنجي سموري جذبات جو ڀرپور اظهار ان ڪتاب ۾ ڪيو آهي. مان هتي هڪ ٻي ڳالهہ جو ذڪر بہ ڪرڻ ٿو چاهيان. 1963ع ۾ منهنجو بمبئيءَ ۾ اچڻ جو ٻڌي، نارائڻ شيام ترين رستي دهليءَ مان بمبئيءَ مون سان ملڻ آيو هو. اسان جا اڳ ئي سٺا تعلقات هئا. مان هن کي پاڻيءَ جي جهاز تي چڙهڻ لاءِ منهوڙي ويو هوس، جڏهن هو سنڌ ڇڏي هند وڃي رهيو هو. بمبئيءَ ۾ ڳالهين ڪندي مون هن کي چيو هو تہ: "مان جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس، تڏهن دهليءَ مان هڪ ڇوڪري مهاتما گانڌيءَ کي اتر پرديش وٺي وئي هئي ۽ اتي هن ڪيس پنهنجي اڳئين جنم وارو گهر ۽ مڙس ڏيکاريو هيو ۽ مڙس جي ڇوڙڻ تي پنهنجي فرش هيٺان لڪايل ڳهن جو ڍبلو ڳولي ڏنو هئائين......" شيام چيو: "ان ڇوڪريءَ سان ملندين؟ مون سان ساڳيءَ آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندي آهي ۽ اجا تائين ساڳيون ڳالهيون ڪندي آهي."

شيام ايڏي سہاجهي طبيعت وارو ڪم گو شاعر هو جو جڏهن هو ڳالهائيندو هو تہ مون کي ٻناٽيءَ جا هيٺيان بہ شعر ياد ايندا ها:

ڪنُ تي ڪيچين ڪچيو ڪچ نہ ڪچيائون،

رهي نہ رتيءَ جيتري، انهن وٽ آئون،
وڏي وڏائـــون، هــو جـــو وڻ هـــئڻ جو.
ڪن تي ڪيچين ڪچيو ڪچ نہ تا ڪُچن،
پـــاڙان پـــوءِ وڏن، هـــو جـــو وڻ هـــئڻ جـــو.

اهڙو نهنو شاعر مون اڄ تائين نہ ڏٺو آهي، جنهن هئڻ جو وڻ پاڙون وڏي ڦٽي ڪيو هجي.

شيام کي ٻارت ۾ سنڌيءَ جو عظيم شاعر سمجهندا آهن. هِتي بہ هُن لاءِ ڪا گهٽ عزت ناهي. محمد ابراهيم جويي، تنوير عباسيءَ جو شيام تي

پورو ڪتاب ڇپرايو آهي.*

دراصل برصغير جي ورهاڱي، هيو سڀ ڪجهہ ورهايو پر شعر ۽ ادب کي ورهائي نہ سگهيو آهي. اڳي تہ اسان تي وطن دشمنيءَ جي الزام تراشي ٿيندي هئي، پر هاڻي تہ امرتا پريتم ۽ ٻيا پنجابي شاعر ۽ اديب هتي پنجاب ۾ ڇپجي رهيا آهن ۽ هتان جا پنجابي شاعر ۽ اديب اوڀر پنجاب ۾ ڇپجي رهيا آهن ۽ اردوءَ ۾ مرزا غالب کان وٺي سردار جعفريءَ تائين هتي ڇپجي رهيا آهن. ادب هر ديوار ڊاهي سگهندو آهي. رڳو ڪشمير جو سياسي مسئلو ڪنهن ريت حل ٿئي تہ برصغير ۾ ٻيو ڪوئي تضاد ناهي ۽ وري شڪستہ دليون ڳنڍجي سگهن ٿيون. ڪشمير جو حل نهايت ضروري آهي، جو اسان شاعر نہ ٿا ڪري سگهون، سياستدان ۽ ملٽريءَ وارا ئي ان جو ڪو جوڳو حل ڪڍي سگهن ٿا. باقي ٻئي هر زخم لاءِ اسان وٽ مرهم آهي. رڳو سڳن آهوجا لاءِ اسان ڪائي مرهم ڪٽي نہ وجهي سگهياسين. توڙي جو هن اهڙو خط رشيد ڀٽيءَ ڏانهن لکيو هو. هن کي خارش (Eczema) هئي، جا لهي نہ ٿي لٿي، جنهن هن کي چيڙاڪ ۽ ڪاوڙيل بڻائي ڇڏيو هو. سندس پيءُ جي سکر ۾ سنڌوءَ سامهون ڪوٺي هوندي هئي، جتي هو خوشحال زندگي گذاريندا هئا. هن ئي مون کي پيٽڻ تي هيرايو هو. پر پوءِ الهاس ننگر جي ڪئمپن هن کي مايوس ۽ دلگير ڪري ڇڏيو هو. مون هن جي موت تي هڪ دردناڪ نظم لکيو هو جيڪو 'ڪي جو ٻيجل ٻوليو' ۾ ڇپيو آهي.

مون سدائين ان ڳالهہ تي سوچيو آهي تہ اڳتي (موت کان) ڇا آهي؟ ڇا هن زندگيءَ کان پوءِ ٻي زندگي آهي؟ ڪيئي مفڪر ۽ فلسفي صدين کان ان ڳالهہ تي سوچيندا رهيا آهن. آخر اها سوچ جائز بہ آهي؟ ڇا ٻيو ڪوئي سوال ان کان وڌيڪ اهم آهي؟ زندگيءَ کان وڌيڪ پراسرار ٻي ڪهڙي شيءِ آهي؟ منهنجي شاعريءَ ۾ ان جو جواب اڃا تائين سواليہ نشانيءَ تي ڪٿي ٿو! غالب چيو آهي:

هستی کی مت فریب میں آجائیو اسد
عالم تمام حلقۂ دامِ خیال ہے

(اي اسد (غالب جو تخلص) هستيءَ جي فريب ۾ نہ اَءِ!

---

* 'بوند لهرون سمند'، تنوير عباسيءَ جو ڪتاب نہ پر نارائڻ شيام جي شاعريءَ جو ڪتاب آهي، جنهن جي مهاڳ ۾ تنوير عباسيءَ، سندن نون (٩) ڪتابن جو جائزو ورتو آهي. (ت.ج)

سچو عالم خيال جي ڄار ۾ ڦاٿل آهي.)

حافظ جو بہ هڪڙو شعر ياد ٿو اچي:

در بزم دوَر یک دو قدح در کش و برم
یعنی طمع مدار وصالِ دوام را

(بزم ۾ هڪ بہ جام پي رمندو رهہ
۽ دائمي وصال جي هيچ نہ رک.)

ڪي وڏا ماڻهو جيئن ڊاڪٽر مهڪري هو، جنهن جي گفتار هڪ تيز نشتر وانگر هوندي هئي ۽ ان ڦوڙي کي ڦاڙي ڇڏيندي هئي، جنهن تاريخ جو ويهڻ وهہ ڪيو آهي، اهو بہ 85 ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو.

مَنهنجا ڪلاس فيلو ديوان پرمانند، سترام ۽ ٻيا بہ چڪيا تي رک تي ويا، جا گنگا ۾ پنهنجو سفر پورو ڪري وڃي سمنڊ ۾ سمائي.

ڪي ننڍ وڏائيءَ کان مٿي انسان، عطا محمد ميمڻ، جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو پي. اي هو پر جڏهن سنڌ گورنمينٽ ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ٿيو تڏهن بہ جڻ منهنجو پي. اي هو ۽ مهتاب اڪبر راشدي هن کي پائن جيان پائيندي هئي.

مرحوم عمرميمڻ سان، جنهن تي نور الهديٰ شاهہ جو مضمون پڙهي، منهنجي دل پرجي آئي هئي. مان، رباني، ابراهيم جويو حسن پٽو يوسف ٽالپر، جو هن وقت مرڪزي حڪومت ۾ وزير آهي، مرحوم اڪبر قاضيءَ جي هوٽل اوريئنٽ ۾ ڪچهريون ڪندا هئاسين. ها مون کان مخدوم طالب المولیٰ، مولانا گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ عبدالڪريم گدائيءَ جو ذڪر وسري ٿو وڃي، جي يڪتائي روزگار انسان هوندا ها. ٻيا بہ ڪيئي سکر جا دوست، جج، وڪيل، منشي مڙا هوندا هئا، جن مان ڪِن جو ذڪر مان 'ڪتي تہ پيجبو تڪ مسافر' ۾ ڪيو آهي.

تازو منهنجو هڪ جونيئر محمد صديق ڪرل، جنهن محترمہ بينظير لاءِ ضياءَ جي حڪومت ۾ سکر مارڪيٽ ٽاور وٽ ڪوڙا کاڌا ها، سو بينظير پٽو جي اڳينءَ حڪومت ۾ سکر جو ايڊوڪيٽ جنرل هو. جڏهن بينظير ٻيهر اقتدار ۾ آئي، تڏهن هن کي ۽ منهنجي دوست آغا سيف الدين کي هاءِ ڪورٽ جا جج مقرر ڪيائين. منهنجي ڀڦات جي پٽ ۽ جونيئر حبيب الله کي، جو

ڪنهن وقت منهنجو هم مشرب ۽ همخوار هو. سکر هاءِ ڪورٽ ۾ پاڪستان جو ڊپٽي اٽارني جنرل مقرر ڪيائين. امداد اعواڻ، جو مون کي استاد چئي ملندو آهي، ان کي سکر مان سينيٽر ڪري ڪنيائِين. انهن مان محمد صديق کرل اڄا هاءِ ڪورٽ جو جج مس ٿيو تہ ڪار جي حادثي ۾ گذاري ويو. منهنجو هڪ ٻيو دوست فيروز نانا، جو بہ هاءِ ڪورٽ جو جج هو پئرس جي ڪنهن اسپتال ۾، پنهنجي ڪئنسر جو ٻڌي، جيئن ئي اسپتال مان ٻاهر نڪتو تيئن دل جو دورو پوڻ سان گذاري ويو.

منهنجو هڪ ٻيو فلسفي يار ۽ ڪلاس فيلو ۽ پوءِ هاءِ ڪورٽ جو جج، جسٽس علي نواز ٻڍاڻي بہ ٽي سال اڳ گذاري ويو. سيشن جج، جن سان مون وقت گذاريو هو سي بہ الائي ڪهڙيءَ دنيا ۾ آهن! انهن مان عزيز الله ميمڻ سان منهنجي گهري دوستي هوندي هئي. عزيز الله ميمڻ، مان، ايس. اي امين علي قريشيءَ ۽ سپرنٽينڊنٽ جيل آغلو خان دراني هر هفتي براج ڪالوني سکر ۾ ڊي. ايس. پي غلام اڪبر جي جاءِ تي ويندا هئاسين ۽ ائين ڪائيندا پيئندا هئاسين، ڄڻ هومر جي آڊيسيءَ مان ڪجھ ڪردار هياسين.

غلام اڪبر جي زال ڪرستان ۽ ماءُ ايراني هئي. هُو فارسي چڱي ڄاڻندو هو ۽ بيدل دهلويءَ جو وڏو مداح هو. بيدل جو ديوان هن جي ميز تي پيو هوندو هو ۽ اهو اسان کي پڙهي ٻڌائيندو هو.

همہ عمر با تو قدح کشیم و نہ رفتہ رنج خمارما
چہ قیامتی کہ نہ می رسی زکنار ما بہ کنار ما

(سڄي عمر تو سان پيالو پيتو پر اسان مان خمار جو رنج نہ ويو
ڪهڙي قيامت آهين، جو اسان جي ڀاڪر مان اسان جي ڀاڪر تائين
نٿو پهچين.)

عجب است گر هوست کشد بہ سیر و سمن در آ
توز غنچہ کم نہ دمیدہ اے درِ دل کشا و چمن در آ

پے آهوان رمیدہ خو مپسند زحمت جستجو
بہ خیالِ حلقۂ زلف او گرہے کشا و ختن در آ.

(اهو ڏسي عجب ٿو اچي تہ توکي هو سرو و سمن ڏانهن ٿو ڇڪي،

توں پاڻ بہ مکڙيءَ کان گهٽ نہ آهين، پنهنجي دل جو در کول ۽ چمن ۾ هلي آءُ.

ياچ جي هيراڪ هرڻين جي پنيان ڳولا نہ ڪر ۽ پريشان نہ ٿيءُ،
هن جي زلفن جي گهير جي ڳنڍ کول ۽ ختن[1] ۾ هلي آءُ.)

بيدل دهلويءَ جو غالب ۽ اقبال جي فارسي شاعريءَ تي ڏاڍو اثر هو. هڪ ڀيري غالب جي لاشعور هيٺيون شعر بيدل تان ڪنيو:

بوئے گل نالۂ دل دودِ چراغ محفل
جو تیری بزم سے نکلا وہ پریشان نکلا

بيدل جو شعر آهي:

بوئے گل نالۂ دل دودِ چراغ محفل
ہر کہ از بزم تو برخواست پریشان برخواست!

(گل جي خوشبو دل جي دانهن محفل جو ڏيئو
جيڪي بہ تنهنجي محفل مان نڪتا، پريشان نڪتا.)

مون پنهنجي پهرين اردو ڪلام جي مجموعي جو نالو 'بوئي گل نالهء دل' بيدل دهلويءَ تان ورتو آهي.

اهي منهنجا همر پيالا ۽ همر نوالا دوست، جي مون سان سکر جي اونهاري ۾ هڪ ٻي وڳي تائين غلام اڪبر جي پڊر ۾ ويٺا هوندا هئا، جيستائين هير جا جهلڪا لڳندا ها ۽ غلام اڪبر جي گهر ۾ بيٺل سِرنهن جي وڻ مان چنڊ جا پاڇا هيڏانهن هوڏانهن سري، پري پنهنجا چوغا لاهي، ڌرتيءَ کي آغوش ۾ وٺندا ها. اهي سڀ گذاري چڪا آهن ۽ مٽيءَ ماءُ جي گود ۾ آرامي آهن. ياد نہ ٿو اچي تہ هي شعر ڪنهن جو آهي، پر گهڻو ڪري سنسڪرت جي ڪنهن شاعر جو آهي:

محبت ۽ مزاح جي ٿوري موسم
روشنيءَ جي ۽ زندگيءَ جي دک ۽ سک جي،
ان کان پوءِ اوندهہ جو شديد خوف
۽ مٽي مٽيءَ ڏانهن وڃي ٿي.

---

[1] ختن شهر جا هرڻ مشهور ها.

هڪڙو منهنجو جونيئر ڪليم الله هوندو هو. جيڪو ڳڙهي ياسين جو هو. هن جي حاضر جوابي هڻ ڪڻ جيان هوندي هئي. ڳڙهي ياسين وارا دوست پنهنجي حاضر جوابيءَ کي چاقوءَ وانگر هڪيئي جي سِراڻ تي تکو ڪندا هئا. مون انگريزي مضمون نگار چيسٽرٽن (Chesterton) جي هڪ مضمون ۾ پڙهيو هو تہ: ”طنز ۽ مزاح جي نوڪ نہ رڳو تلوار وانگر پيهي ويندي آهي، پر اها ڏسڻ ۾ بہ ايندي آهي.“ ائين لڳندو هو تہ ڪليم الله سوچي سمجهي چرچو نہ ٿو ڪري. الهام وانگر نازل ٿئي ٿو ۽ هن جي وات مان اهو جڏهن نڪري ٿو تڏهن اهو ٻڌي پاڻ بہ کل ۾ ويڙهجي وڃي ٿو.

منهنجو هڪ منشي بلرام هو. جنهن جو پاءُ هڪ ڏينهن، هن وٽ پنهنجي شڪاپور واري گهر مان آيو ۽ هن کي چيائين: ”مان سپاٽي راجستان ٿو وڃان، امان جو خيال رکجانءِ.“ بلرام اها ڳالهہ ٻڌي حيران ٿي ويو. هن ڪائنس سبب پڇيو تہ هن وراڻيس: ”ڪالهہ مان حويليءَ ۾ کوهہ مان ڏول ڀري رهيو هوس تہ مهاجرَ، جو بہ حويليءَ جي گهر ۾ رهندو هو مون کي چيو تہ: ”ڪافر، پاڻيءَ کي پليد نہ ڪر، ٻاهران ڀريندو ڪر.“ هن وڌيڪ بلرام کي چيو تہ: ”مان هتي ترسندس تہ خون ٿي پوندو. مان ڪنهن جي ٽِڻ مِڻ سهڻ وارو نہ آهيان. پوءِ اهو مُسلو هجي يا ڪير بہ هجي.“

مون کي اوچتو ڪوئي شخص ياد آيو. مون ذهن ۾ ٽپو ڏئي ميچيءَ وانگر هن جو نالو ڦاسائي ورتو. هُو شِوَن هو جو شيخ راز جو گهرو دوست هو. راز سرناگتي هاسٽل ۾ ساڻس ملائڻ لاءِ مون کي وٺي ويو هو. هُو هڪ ڏنڊو مشٽنڊو جوان هو. هن بہ راز کي چيو هو: ”مان هاڻي هتي رهي نہ سگهندس ۽ هندوستان وڃان ٿو.“ پوءِ هن وهاڻي هيٺان تيز ڇرو ڪڍي راز کي ڏيکاريندي چيو هو: ”هي ڏسين ٿو راز! هي هندوستان ۾ انهيءَ مسلمان جي پيٽ ۾ هوندو جو پهرين پيري منهنجي مُنهن پيو.“ شِوَن ڪاٺ جي صندل تي بنا وڃاڻي ستو پيو هو. هن نوڪدار ڇُرو صندل ۾ هنيو تہ اهو ڪاٺ ۾ پيهي ويو ۽ پوءِ ڇڪ ڏئي ان کي ڪڍيائين، ڇرو ڏاڍو چڱي رُڪ جو هو ۽ ان ۾ ڇب نہ پيو. مان ۽ شيخ راز جڏهن سرناگتيءَ مان ٻاهر نڪتاسين، تڏهن راز مون کي چيو: ”مون کي خبر نہ هئي تہ شِوَن ۾ مسلمانن لاءِ ايڏي نفرت ۽ تلخي آهي. مان وري هن وٽ نہ ويندس.“ راز ان تي نہ سوچيو تہ شِوَن کي ڳوٺ، گهر گهاٽ، اوڙو پاڙو ميڙي چونڊي سڀ هتي مجبور ٿي ڇڏڻي ٿي پوي.

هن جو پيو ردِعمل ڪهڙو ٿيندو!

اهو پهريون موڙ هُيو شيخ راز جي زندگيءَ جو. راز سنڌي سرڪل جو سيڪريٽري هوندو هو جنهن جو صدر رام پنجواڻي هو. هُو رام پنجواڻيءَ سان گڏ ٻين هندو دوستن مُولي وغيره جي ۽ منهنجي هر مهيني ۾ هڪ ڀيرو گهر ۾ دعوت ڪندو هو ۽ سندس زال جي هٿن جي ٺهيل برياني کائي، اسان جا ويشنو هندو دوست چپ چٽيندا ها. هن جي زال مون کان پردو نہ ڪندي هئي. هوءَ مرحوم (قريشي، نالو ياد نہ ٿو اچي.) جي سالي هوندي هئي، جيڪو ڪراچيءَ جو وڏو سرمائيدار هوندو هو.

هڪ ڀيري مون کي مُدي جو تپ ٿي پيو هو جو يارنهن ڏينهن هليو. شيخ راز جو گهر جناح گارڊن (اڳي گانڌي گارڊن) جي پرسان هوندو هو جتان هو منهنجي لاءِ چوزي جي يخني ۽ ڊبل روٽي کڻي ايندو ۽ منهنجي ڏاڍي خدمت ڪئي هئائين. هُو بنيادي طرح هڪ نيڪ انسان هو جڏهن کان هن کي اسلامي جوش آيو تڏهن هن منهنجي خلاف روزاني مهراڻ ۾ اسي قسطن جو مضمون لکيو جن ڊاڪٽر ابراهيم خليل جي عنقريب ايترين ئي قسطن واري تنقيد ۽ سردار علي شاهہ ذاڪر جي ايڊيٽوريلن ۽ رشيد احمد لاشاريءَ جي مضمون منهنجي خلاف باهہ ٻاري ڏني. منهنجي شاعري ٻلال جي ڪري ۾ چڻنگ وانگر هئي ۽ ان جي شعلي نوائيءَ جي ڪري مون کي ڪافي ڀوڳڻو پيو. ان هوندي بہ شيخ راز پنهنجي آڪٽراءِ انسپيڪٽر هولا رام جو دوست هوندو هو. هولا رام سڄي ميونسپالٽيءَ کي آڱرين تي نچائيندو هو ۽ آڪٽراءِ مان لکين رپيا ڪاهيا هئائين. هو سنڌوءَ جي ڪناري، بندر روڊ جي مهڙ ۾ هڪ ننڍيءَ جاءِ ۾ زال سوڌو رهندو هو. اوچتو هن جي غير موجودگيءَ ۾ هن جي جاءِ ڪِري پئي ۽ سندس زال پوساڻجي مري وئي. هولا رام جڻ سک جو ساهہ کنيو هو چوتہ هو هم جنس پرستيءَ جو قائل هوندو هو. هن جو پٽ پنهنجي ماءُ جي سِراڏان تي آيو هو ۽ پيءُ کي ڏاڍو چيو هئائين تہ: "اسان بمبئيءَ ۾ ڪافي دولت ڪاهي آهي، هاڻ هل تہ توکي وٺي هلان." هولا رام وڃڻ کان انڪار ڪيو هو. جڏهن مون هن کان ان جو ڪارڻ پڇيو هو تہ جواب ڏنو هئائين: "سکر جا ڇوڪرا لسا ناڪي منشي مون کي بمبئيءَ ۾ ڪٿي ملندا؟" پهرين مارشل لا ۾ هو مون سان گڏ ساڳئي جيل ۾ هو. هولا رام ڪافي اذيت پرست انسان هو. هڪ ڀيري سکر

جي سيٺ پڳوان داس کي، جو بہ اسان سان گڏ جيل ۾ هو آفيم جي ضرورت پئي، ڇو تہ آفيم کان سواءِ هن کي ننڊ نہ ٿي آئي. هولا رام ٿي ڏينهن تہ هن لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو ۽ جڏهن راتين جو پڳوان داس چڪر ڏئي، ساٽو ٿي پيو تڏهن هن کي چيائين: ”هن سنتريءَ کي چٺي ڏي، تہ تنهنجو پٽ ڪيس بہ سؤ رپيا خرچي ڏئي تہ هُو تنهنجي لاءِ گتي يا تنهنجي ڪوٺيءَ تان آفيم وٺي ايندو.“ هن کان چٺي وٺي، سنتريءَ کي پنهنجي چٺي لکي ڏئي چيائينس تہ فقط هڪ تولو آفيم جو بازار مان وٺي اچي. ٻئي ڏينهن تي سيٺ پڳوان داس کي هڪ تولو آفيم جو مليو تہ هن جي جان ۾ جان آئي. اهڙيءَ طرح هر هفتي هولا رام سنتريءَ کي سيٺ پڳوان داس کان ٻن سوَن رپين جي چٺي وٺي ڏيندو هو ۽ سنتريءَ کي پنهنجا بہ اٺ ڏهہ ڪم لکي ڏيندو هو.

هولا رام تي اينٽي ڪرپشن جو ڪيس هو جنهن ۾ مان سندس وڪيل هوس. هو مون وٽ اڪثر ايندو رهندو هو. هن جو دوست دلپت راءِ، جو بہ جيل ۾ هو جيل کان ٻاهر بہ هن سان گڏ پيئندو هو ۽ گوشت کان سواءِ ماني نہ کائيندو هو. جيل ۾ تہ هن کي تيوڻ ۾ ٻڪرو گوشت ئي ملندو هو جو هو مجبور ٿي کائيندو هو ۽ سنتريءَ معرفت ٻاهران ڪنٽري شراب جو اڌيو گهرائي بستري هيٺان لڪائي رکيو هئائين ۽ روز ان مان اڌ پيگ پيئندو هو. مان ٻاهر نڪتس تہ مون ٻڌو تہ دلپت راءِ، هولا رام جي زال هويا مڙس هويا ٻئي هو.

مون جڏهن وائيس چانسلر جو ٽرم پورو ڪيو ۽ سکر موٽي آيس تہ شيخ راز منهنجي گهر آيو ۽ منهنجي ماني ڪيائين. ان وچ ۾ هن جو مون تي غصو ٺڏو ٿي چڪو هو. مان سندس مانيءَ تي ويس تہ چيائين: ”پيا ملنداسين، هاڻي تہ توهان واندا آهيو.“ مون وري هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ مرحوم سان ملڻ جو موقعو نہ مليو. جيستائين مون کي ڊاڪٽر عارف هڪ اتفاقي ملاقات ۾ ٻڌايو تہ هن کي فالج ٿي پيو آهي ۽ ڪيس ڏاڍو بلڊ پريشر (رت جو مٿاهون داٻ) آهي. مان سندس گهر ڪائنس پڇڻ لاءِ ويس. هن جي گهر واري اڪيلي اڳهي رهي هئي ۽ هو بيوس سنئون سڌو بستري تي ليٽيو پيو هو. مون کي هن ڏسي صرف ايترو چيو: ”اياز! هيءَ تہ سڀ نڳي آهي.“

”ڪنهن جي نڳي؟“ مون هن کان پڇيو. ايتري ۾ هُو هوش حواس ۾ نہ رهيو. هُو رات جو گذاري ويو. مان هن جي جنازي نماز تي ويو هوس. مون دل ۾

چيو: ”راڻ تون اسان ڪرائي دار هياسين. مالڪ مڪان تنهنجو مقاطعو اڳ ۾ رد ڪري ڇڏيو نہ ڄاڻان منهنجو ڪڏهن رد ڪري. تيستائين مان هن زندگيءَ جو هڪ پل بہ وڃائڻ نہ ٿو چاهيان.“

مٿي ذڪر ڪيل ڊاڪٽر ابراهيم خليل، رشيد احمد لاشاري ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي بہ هن جي ٽولي ۾ هئا، اهي سڀ گذاري چڪا آهن. مون هنن کي معاف ڪيو آهي. شل خدا کين جنت ۾ جاءِ ڏئي.

هُو منهنجو دوست ظهور نظر آهي، جو هڪ ڀيري منهنجي آفيس ۾ هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ کي ساڻ وٺي آيو ۽ چيائين: ”وڪيل صاحب! مان توکي هن جي طلاق لاءِ وڪيل ٿو ڪريان. في ٻڌاءِ!“

مون کيس چتائي ڏٺو ۽ چيو: ”ظهور آهين؟“

هن ٺهڪ ڏنو تہ منهنجي آفيس جون پٽيون لڏي ويون. پوءِ ٻڌايائين تہ ”ڊاڪٽرياڻي منهنجي دوست جي زال آهي، جيڪو جوڳ پچائي رهيو آهي ۽ هن جي زال (ڊاڪٽرياڻيءَ ڏانهن اشارو ڪندي) مون سان عشق پچائي رهي آهي ۽ مان سنڌس سرڪاري گهر ۾ رهيو پيو آهيان.“

مون هن کي چيو: ”ڇا هيءَ تنهنجي دوست جي زال آهي؟“

”ان ڪري هن سان پيار لاءِ ٻہ سبب آهن. هڪ تہ ڏاڍي خوبصورت آهي، ٻيو منهنجي پياري دوست جي زال آهي.“ هن پوءِ ملتانيءَ ۾ ڪيئي نظم ٻڌائي چيو تہ: ”تو صحيح چيو هو تہ اسان لاءِ اردوءَ ۾ شاعري ڪرڻ جک مارڻ جي برابر آهي. اسان پنهنجي شاعريءَ کي منطقي نتيجي تي فقط مادري زبان ۾ پهچائي ٿا سگهون.“

منهنجو ٻئي ڏينهن تي علي الصبح جو بچل شاهہ مياڻيءَ ۾ نيرو پيئڻ جو پروگرام هو ۽ ڪجين جي باغ ۾ وڃڻا هئاسين. مون هن کي بہ صلاح ڪئي تہ هن يڪدم هائوڪار ڪئي. ٻئي ڏينهن جڏهن اسان باغ ۾ پهتاسون تہ اسر ويل تازيءَ جو ڀريون ڏول ڪجيءَ مان لاهي مون کي ڏنائون. مون ڏول ظهور نظر ڏانهن وڌايو. هن اڌ ڏول ڳيت ڏئي ڏوگهيو ۽ پوءِ مون ڏانهن وڌايائين. مان باقي پي نہ سگهيس تہ رشيد پٺيءَ پيئڻ لاءِ گهريو تہ ظهور نظر هن کي منع ڪئي ۽ هن کي چيائين تہ: ”هي ڏول اسان لاءِ علامت آهي، تون ٻئي ڏول مان پي ٿو سگهين.“

مان باقي بچيل تاڙي بہ پي ويس. اتي مون کي ظهور پاسيرو ڪري چيو

تہ: "اها ڊاڪٽرياڻي تاڙيءَ جي هڪ ڏول وانگر آهي، جا منهنجي وچڻ کان پوءِ تنهنجي اُڃ اجهائڻ چاهي ٿي." تاڙيءَ جو اثر هن جي خمار مان ظاهر ٿيو.

مون هن کي جواب ڏنو: "اسان وٽ چوندا آهن، تہ انڌن ملتان لڌو هو. پرهاڻي تہ ملتان انڌي کي ٿو ڳولي. نہ پيارا! مون کي اکيون آهن. مان ڪنهن دوست جي محبوبا لاءِ ڪوڙڪي نہ اڏيندو آهيان."

"ڪوڙڪيءَ جو سوال ناهي." هن چيو. "اها بلبل تہ خود تنهنجي پڃري ۾ وڃڻ لاءِ آتي آهي. اياز! ڪي عورتون مردن وانگر تلون مزاج هونديون آهن. انهن کي نئين مرد جي ائين ڇڪ ٿيندي آهي، جيئن اسان کي نئين عورت جي ڇڪ ٿيندي آهي."

ڪجهہ ڏينهن پوءِ مون رشيد کي بار روم ۾ ڪنهن ڳالهہ تي چيو: "پٽي وري اهي ئي لاٽون، اهي ئي چگهہ." هن وڏو ٺهڪ ڏئي چيو: "نہ استاد، لاٽون اهي ئي آهن، چگهہ ڦرندا ٿا وتن." رشيد پٽي مزاح جي ڪيفيت ۾ شائستگيءَ جون حدون ٽپي ويندو هو. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ جي باوجود هن جي گفتگو ۾ ادبي چاشني ضرور هوندي هئي.

ستار پيرزادي جو هي ڪتاب مون وٽ نقل ڪندو آهي، تنهن مون کان رشيد پٽيءَ جو مٿيون لطيفو ٻڌي چيو: "سائين! ڪن جي طبيعت ان ڳالهہ جي ابتڙ ٿيندي آهي. ڪنهن ٻروچ پنهنجي پيءُ کي چيو: "مون کي شادي ڪراءِ، پر ٻہ زالون هڪ ئي وقت." سندس پيءُ وراڻيس: "هڪ وقت ۾ هڪڙيءَ سان شادي ڪر ۽ ڪجهہ ڏينهن رکي پوءِ ٻيءَ سان شادي ڪجانءِ." پٽ پيءُ جي چوڻ کي رد نہ ڏنو ۽ هڪ سان شادي ڪيائين. واعدي مطابق ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پيءُ هن کي چيو تہ: "هاڻي ٻي شادي ڪري ٿو سگهين." پٽس جواب ڏنو تہ: "جي چڱي بها ملئي تہ هيءَ بہ وڪڻي ڇڏ!"

مون اهو لطيفو ٻڌي ٺهڪ ڏنو ۽ موت جو غبار ڪجهہ وقت لاءِ هٽي ويو. ٺهڪ وڄ وانگر ڪڪر ڪارونيار هٽائي ڇڏيندو آهي.

ظهور نظر ملتان ۾ گذاري ويو. هن جو ملتانيءَ ۾ مجموعہ ڪلام اڃا شايع نہ ٿيو آهي. هن مون کي ٻڌايو هو تہ هن چولستان جي خانہ بدوش عورت سان شادي ڪئي هئي. اها ڳالهہ هن جي رومانوي طبيعت سان ٺهڪي پئي! ظهور نهايت پيارو دوست هو ۽ مون سان تہ سنڌي محاوري واريون ڳنڍيون هونديون هيس. جي هو زياده جيئرو رهي ها تہ ملتان جو ڏاڍو

چڱو شاعر ٿئي ها، پر موت وڏو ٻُنڊڙ ڪَپ آهي ۽ هن جي ڪاروائيءَ وقت ڪنهن کي پتو نہ پوندو آهي.
رشيد ڀٽيءَ جي رت ۾ ڪجهہ سال پوءِ شگر (Sugar) جي ايتري ڪوٽ ٿي وئي، جو هو علاج لاءِ ايمبولينس ۾ پاڻ کڻائي جيستائين ڪراچيءَ پهتو تيستائين گذاري ويو. ان کان اڳ هن منهنجي ڪتاب 'خط، انٽرويو ۽ تقريرون' تي راتيون جاڳي هڪ ڊگهو مهاڳ لکيو هو جنهن کي ڪنهن حد تائين منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو حصو سمجهڻ گهرجي. جيتوڻيڪ ان ۾ رشيد ڀٽيءَ جي آتم ڪٿا زياده آهي. هڪ بيت ٿو ياد اچي، جنهن لاءِ محقق چون ٿا تہ ڀٽائيءَ جو نہ آهي، ڇو تہ ان ۾ اتر جو لهجو آهي، بهرصورت بيت حسب حال آهي:

ايـر چنـڊ اسور جـا، نـڪـٽ نـورانـي،
پهر رحمتي رات جو، اَٿي اوجاڳا ني،
تـو جيـڏا تـو سـرتـا، تـو وٽـان ويا نِـي،
فاني ڙي فاني، جنهن دنيا سان دوستي.

ان بيت ۾ 'ني' لفظ نيٺ شڪارپوريءَ ٻوليءَ جو آهي.
مشهور فلسفي شوپنهار چيو آهي: "هر ڏينهن ننڍي زندگي آهي. ننڊ مان بيداري، هڪ نئون جنم آهي. هر نئون صبح، هڪ نئين جواني آهي ۽ هر آرام جي ننڊ ننڍو موت آهي." افسوس اُنهيءَ تي، جو جوانيءَ ۾ گذاري وڃي.
سکر جا ڪيترائي وڪيل ۽ جج مري ويا آهن. شفيع محمد آخوند ڪشمير جو جڊيشنل ڪمشنر ٿي گذاري ويو. مان هن سان پوپون پيرو تڏهن مليو هوس، جڏهن هو ميرپورخاص جو سيشن جج هو ۽ مان هن وٽ خون جي ڪيس ۾ بچاءَ جو وڪيل ٿي ويو هوس. مون سان گڏ منهنجو ڪلاس فيلو مرحوم مير محمد ميمڻ بہ ڪيس ۾ بچاءَ جو وڪيل هو. رات مون نوابشاهہ ۾ مير محمد وٽ گذاري هئي، پر هن مون کي ڪنهن رحمت الله صاحب وٽ رهايو هو جو سندس دوست هو ۽ پاڻ کي نواب شاهہ جو راشدي سڏائيندو هو. هن ناشتو سٽيل پليٽ ۾ ان جي آنين ۽ مرغيءَ جي بيدن سان ڪرايو هو. گفتگوءَ دوران منهنجي پراڻي ڪلاس فيلو جلباڻيءَ، جو هن لاءِ ڪراچيءَ کان فون آيو. جلباڻي ان وقت مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر هو. هن جو فون رکي رحمت الله مون کان پڇيو: "اوهان ڪڏهن ٿا وزير ٿيو؟" مون

جواب ڏنو: ”مون جهڙا ماڻهو قيد جي سلاخن لاءِ هوندا آهن، اسيمبليءَ جي ڪرسين لاءِ نہ هوندا آهن.“

مون کي ان وقت هي بيت ياد آيو:

بندي پيا قرار، اسين لوچيون لوهہ ۾،
مٿي تن ترار، سدا سانبيئڙن جي.

رحمت الله، پير پاڳاري جو مريد هو. هن کي اهو جواب نہ وڻيو. هن يڪدم چيو تہ: ”جي اوهان کي سلاخون ئي وڻن ٿيون تہ گهر ۾ هڪڙو لاڪ اپ چونہ ٺا نهرائي ڇڏيو. ڪجهہ وقت اوهان ان ۾ گذاريندا ڪريو.“

شفيع محمد آخوند ۽ مير محمد ميمڻ ۽ جلباڻي گذاري ويا آهن. ٽئي منهنجا دوست هئا. رحمت الله جي باري ۾ مون کي ڪائي خبر ناهي. هن سان پيهر ملاقات نہ ٿي آهي. هن جي صلاح صحيح هئي. اڄ منهنجي فليٽ جي ٻاهرين در ۾ تحفظ لاءِ سلاخون آهن ۽ منهنجي فليٽ لاڪ اپ وانگر لڳي ٿي.

سکر ۾ ڪيترائي سيشن جج آيا ۽ ويا. انهن جي ڄاڻ فقط تعزيرات پاڪستان، ضابطہ فوجداري، قانونِ شهادت ۽ ڪجهہ لا (Law) رپورٽرن جو مطالعو هو ۽ مان انهن جي ياد تي وقت جو زيان ڪرڻ نہ ٿو چاهيان.

ها، حيدر شاهہ منهنجو ڪلاس فيلو هو ۽ هن جو مذاهب جو تقابلي مطالعو گهرو هو ۽ هن جا زندگيءَ ۽ جنسيات تي نظريا ڪافي دلچسپ ها ۽ قلندر بخش عمراڻي بہ دلچسپ جج هو جنهن کي سنڌ جي کنڊرات ۽ پراڻن فونو گرامن ۽ رڪارڊن ۾ دلچسپي آهي. مون هن کي هڪ پراڻو فونو گرام ۽ پراڻا سنڌي رڪارڊ ڏنا ها. هن وقت هو سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري آهي. ڪجهہ وقت اڳ عبدالحميد ابڙي سان گڏجي منهنجي گهر آيو هو. اها کنڊرات ۽ پراڻن فونو گرامن ۽ ريڪارڊن سان محبت ڪهڙي نفسيات جي نشاني آهي؟ ڇا هُو هر شيءِ جي زوال پذيريءَ جو مون کان بہ وڌيڪ شعور رکي ٿو؟ يا کنڊر ڪنهن ازلي موسيقي سان گونجن ٿا.

عبدالحميد ابڙي کي شاهہ لطيف جي شاعريءَ سان عشق آهي. هن مون کي پيٽائيءَ جي پين شعرن سان گڏ هڪ عجيب شعر ٻڌايو:

تو دریا ہم چڑیا، چونچ میں نہ پیا
تم سے قطرہ کم نہ ہوا، ایک غریب جیا.

ابڙي صاحب ٻڌايو هو تہ اهو بيت، ڀٽائيءَ جي رسالي جي ’سُر سريراڳ هندي‘ ۾ آهي. اهو بيت ڀٽائيءَ جو نہ آهي. ابڙو صاحب، ’ايڪ غريب جيا‘ اهڙي منڙي آواز ۾ ڇٽي رهيو هو جڻ ڪوئي پرندو درياهہ مان پاڻي پي ٻولي رهيو هجي.

عبدالحميد ابڙو 30 جنوري 1996ع تي پاڻ سان گڏ هڪ شاهہ لطيف جو راڳائي ساڻ وٺي، ملاڻ آيو هو. اُن فقير راڳائيءَ جو نالو فقير گل محمد خاصخيلي هو. هو ڀٽ شاهہ تي ڳائيندڙ ن فقيرن جي ستن ٽولن مان هڪ ٽولي جو سربراهہ آهي. سندس ٽولو اڳاري رات ڳائيندو آهي. هن کان مون ڀٽائيءَ جي راڳ بابت ڪجهہ معلومات ورتي ۽ ڪانئس ڀٽائيءَ جو راڳ بہ سُر سان ڳارايو. هن ٻڌايو تہ: ”هڪ فقير اڳواڻي ڪندو آهي. ڪجهہ فقير ان اڳواڻ جي کاٻي ۽ ڪجهہ ساڄي پاسي ويهندا آهن. اهي کاٻڙيا ۽ ساڄڙيا راڳائي سڏبا آهن. اڳواڻي ڪندڙ فقير ڀٽائيءَ جي علامت طور ڄاتو ويندو آهي. اڳواڻ پهرين تند وڄائيندو ۽ پوءِ بيت ڏيندو آهي. بيت پورو ڪري پوءِ هونگارو ڏيندو آهي. هونگارو ختم ٿيڻ کان اڳ ساڄي پاسي وارو سڏ وجهندو. اڳواڻ پوءِ بيت جي پهرين مصرع ڏسيندو. ان کي ڏسڻ چوندا آهن. اهڙيءَ طرح اڳواڻ بيت جي هر مصرع ڏسيندو ۽ ساڄڙيو اها ڳائيندو. اهڙيءَ طرح هڪ بيت پورو ٿيڻ کان پوءِ ساڄڙيو هونگارو ڏيندو تہ ٻيو ساڄڙيو سڏ وجهندو ۽ اڳواڻ بيت ڏسيندو ويندو. اهڙيءَ طرح داستان هلندو رهندو جڏهن آخري کاٻڙيو هونگارو ڏيندو تڏهن اڳواڻ وائي ڪڍندو جنهن ۾ سيئي راڳائي گڏجي ڳائيندا. هڪڙا راڳائي سنهي آواز ۾ ڳائيندا ۽ ٻيا ٿلهي آواز ۾ ڳائيندا. جنهن کي گرام چئبو آهي. جيڪي راڳائي سنهي آواز ۾ ڳائيندا آهن، تن کي سڏڙيا ۽ جيڪي ٿلهي آواز ۾ ڳائيندا آهن، انهن کي گرامڙيا سڏيندا آهن.

وايون ڇئن اندازن ۾ ڳائبيون آهن. هڪڙيون ڏيڍيون، ٻيون دوتاريون، ٽيون ڇيڙون ۽ چوٿيون ذڪر جون وائيون ڏيڍين ۽ ٻٽين وائين ڳائڻ ۾ دنبوري تي، سرن جي وضاحت لاءِ ڏڪ بہ مختلف لڳائيندا آهن. ڇيڙ ۾ سڀ گڏجي ڳائيندا آهن. ڇيڙ ڳائڻ مهل اڳواڻ جو زور ٻول چوڻ تي هوندو آهي. جڏهن تہ پاسڙيا مختلف سُرن جي ٻيهڪ وٺ هن سان گڏبا آهن.

ذڪر واريءَ وائيءَ ۾ ذڪر جا ٻہ ٻول بہ پڙهبا آهن. اهي ’الله‘ لفظ کي

گرام ۾ آلاپيندا رهندا آهن ۽ اڳواڻ وائيءَ جا ٻول پڙهندو رهندو آهي.

راڳائي فقير هميشہ ڀٽائيءَ جي روضي جي دروازي ڏانهن منهن ڪري ويهي ڳائيندا آهن، جنهن جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ڀٽائي اسان سان ڳالهائي ٿو. سُر سهڻيءَ جي پوري ٿيڻ کان پوءِ اڳواڻ دعا گهرندو. پيهر صبح جي بانگ ۽ نماز جي وچ تي مارئي ڳائڻ کان پوءِ بہ دعا گهرندا آهن.“

سکر جا ڪيئي وڪيل ساڳي ماني ساڳ سان هوندا هئا، پر ڪن ڪي قانون جي ڄاڻ کان سواءِ پنهنجي انفراديت بہ هوندي هئي. حسن حميدي، رشيد ڀٽي، فتاح ملڪ، شمس الدين شاهہ ۽ فتح الله عثمانيءَ جو ذڪر مون اڳ ئي ڪيو آهي. اڪثر وڪيل انهن ججن جي چمچاگيري ڪندا ها، جن جا طباخ اڳ ئي خالي هوندا ها. هتي مان صرف شمس الدين شاهہ جو ذڪر دهرايان ٿو. هن ۾ بيا موز تا پير شوي واري ڪيفيت هئي. هن جي طنز ۽ مزاح بہ دل ڪش هو. مون کان ول ڊيورانٽ جي تهذيب تي ڏهن جلدن مان، اسلامي تهذيب جو هڪ پورو جلد ۽ راڌا ڪرشن جا هندوستاني فلسفي تي ڪتاب ورتا هئائين، جي مون هن جي وفات کان پوءِ هن جي پونيئرن کان نہ گهريا ها. هو راڌا ڪرشن جو وڏو مداح هو پر ساڳئي وقت جنرل ضياءَ جي مجلس شوريٰ جو ميمبر بہ هو. هڪ ڀيري مون هن کان پڇيو: ”شاهہ صاحب! اها مجلس شوريٰ آهي يا مجلس عاشوريٰ؟“ هن ٺهڪ ڏئي چيو: ”ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“

طنز و مزاح جو حِس سکر جي وڪيل مرحوم ممتاز ڀٽيءَ کي بہ هوندو هو. هڪ ڀيري سکر جي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر غلام قادر قيس، سب جج حامد ميمڻ جي دعوت ڪئي هئي. ممتاز ڀٽيءَ کان سواءِ ٻيا سڀ بيئر پي رهيا ها. ڪجهہ وقت کان پوءِ مان باٿ روم ۾ پيشاب ڪرڻ ويس. مون کان ڪجهہ دير کان پوءِ ٻيو ڪوئي بہ ويو. ممتاز مون کان ڪن ۾ پڇيو: ”اياز! اوهان تہ بيئر پي پيشاب ڪرڻ وڃو ٿا، مون تہ فقط پاڻي پيتو آهي. مان بہ وڃي سگهان ٿو؟“

غلام قادر قيس سکر جي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر سان بہ منهنجون ڪافي رنگين شامون گذريون هيون. هو مون کان پنهنجا نظم درست ڪرائيندو هو. پر پوءِ بہ چوندو هو: ’هر فن ۾ هون مين طاق، مجهي کيا نهين آتا.‘

مون جڏهن نئين ڪار ورتي هئي، تڏهن سکر ۾ وڪيلن مان فقط غلام قادر کي پراڻي، گڏل پيٽل ڪار هئي، جا ڌڪي تي هلندي هئي. جڏهن اها هلندي هئي تہ پاڙي جا ڇوڪرا نعرا هڻندا هئا، ”قادر قلندر مست،“ هڪ رات زوردار بارش پئجي رهي هئي ۽ وڄ ٽڙڪات تي ڪيا. مان قيس جي گهر وينو هوس ۽ هن سان وسڪي پي رهيو هوس تہ اوچتو هن کي پنهنجو گهر نجد جي صحرا وانگر لڳو ۽ ڪائي ليليٰ ڪيس ياد آئي. هن پڇيو تہ ”تنهنجي ڪار هيٺ بيٺي آهي؟“ مون جواب ڏنو تہ، ”ها“. اهو ٻڌي هن چيو تہ ”هل تہ هلون.“ اسان بئراج جي ليفٽ بئنڪ ڏئي روهڙيءَ ۾ آياسي، ڪار جو اسڪرين بارش ۾ اونداهو ٿي ويو هو ۽ وائيپر ائين هلي رهيا هئا، جيئن ڪنهن ڪروبيءَ جا پر جنبش ۾ هجن. سنڌو گجگاٽ ڪري منهنجي روح سان طبلي جي ٿاڦ رکي رهي هئي. روهڙيءَ ۾ ڪريما جي گهر پرسان ڪار جو ڦيٿو ترڪي ويو ۽ ناليءَ ۾ لهي ويو. نتيجو اهو ٿيو جو ڪار جو هڪ ڦيٿو ناليءَ هيٺ ۽ هڪ مٿي تي ويو. الاجي ڇو اُن وقت قيس فارسيءَ جو هڪ شعر پڙهيو:

*از هیبتِ شاہِ جہاں لرزد زمین و آسماں*
*انگشتِ حیرت در دہاں نیمی دروں نیمی بروں*

قيس جي عمر ان وقت پنجاهہ کان مٿي هئي. هو جيئن ڪنهن ڪريما جي گهر ۾ گهڙيو تيئن ڪٽ تي ڪيس ننڊ اچي وئي. ان رات جي تجربي منهنجي ڪافي زندگيءَ کي پريشان ڪيو ۽ بار بار منهنجي زندگيءَ ۾ ائين آئي، جيئن ڪاريهر ڀر مان نڪري ايندو آهي.

اهي سيئي جج ۽ وڪيل اُتي پهچي ويا آهن، جتان ڪوئي نہ موٽيو آهي. ڪهڙي ڪُن ۾ ڦيراٽيون ٿا کائن، ڪيئن چئجي؟ شرف الدين ادا کي بہ مزاح جو حِس هو. هُو ثناءُ الله قريشي وڪيل سان ڪڪڙ ويڙهائيندو هو ۽ بار روم ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان موضوع تي گفتگو ڪندا ها. شرف الدين ادا، جو سگريٽ ڏاڍا پيئندو هو، اُهو اي. پي. پي. غوث بخش وانگر گلي جي ڪئنسر ۾ گذاري ويو تنهن کي ايتري ڀرپور طنز هئي، جو جڏهن منهنجي جونيئر صادق پٺيءَ (هن وقت ايڊيشنل سيشن جج حيدرآباد آهي) کان، مون کي هن جي موت جي خبر پئي، تڏهن يگانہ چنگيزيءَ جو هيٺيون شعر بي اختيار ياد آيو:

گناہ زندہ دل کہئے یا دل آزاری
کسی پہ ہنس لئے اتنا کہ پھر ہنسا نہ گیا

(ان کي زندهہ دليءَ جو گناهہ چئو يا دل آزاري چئو
ڪنهن تي ايترو کلياسين جو وري کلي نہ سگهياسين.)

ثناءُ الله وڪيل ڪڪڙن جي ويڙهہ ڏسڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مون کي دعوت ڪئي هئي ۽ ڳوٺ جا چڱا مڙس بہ گهرايا هئائين. جن سان ڪافي رهاڻ ٿي هئي. جڏهن ڪڪڙ وڙهي رتوڇاڻ ٿيا تہ مون ثناءُ الله کي چيو: "هن ويڙهہ کي ڏسڻ جو تہ فقط هيمنگ وي کي حق آهي."

"ڪنهن کي؟" ثناءُ الله پڇيو.

مون وضاحت نہ ڪئي، ڇو تہ ڄاتم ٿي تہ ثناءُ الله، هيمنگ وي جو نالو بہ نہ ٻڌو هوندو. ڪجهہ وقت اڳ ثناءُ الله کي ڪنهن ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ گولي هڻي ماري وڌو ۽ هن جي ٻنيءَ تي ڪُڪڙن جي ويڙهہ هميشہ لاءِ بند ٿي وئي. مون ۾ اي. ڪي. بروهيءَ وانگر ڳرائي (High Brow Attitude) نہ هوندي هئي ۽ وڪالت مون کي عوامي ماڻهو بڻائي ڇڏيو هو. ها، شڪارپور جو وڪيل واجد علي شيخ نهايت دلچسپ انسان هو. وڪالت بہ ڪندو هو ۽ سندرو ٻڌي سائينءَ جي اوتاري ۾ ملاڪڙي ۾ ملهہ بہ وڙهندو هو. جيئن مون اڳي چيو آهي تہ هن علي ڳڙهہ مان بي. اي، ايل. ايل. بي ڪئي هئي ۽ مون کي اردو ادب تي ڪافي ڪتاب ڏنا هئائين. هڪ ڀيري هو مسجد منزل گاهہ تحريڪ جي ابتدا شڪارپور مان شروع ڪري رهيو هو ۽ جماٽي هال ۾ پنهنجي زوردار تقرير علامہ اقبال جي هيٺين شعر سان ڀرپور ڪئي هيائين:

بے خطر کود پڑا آتشِ نمرود میں عشق
عقل ہے محو تماشائی لبِ بام ابھی.

(عشق نمرود جي آتش ۾ بنا خطري ٽپي پيو
عقل اجا تائين ڪنهڙي ڪان تماشو ڏسي رهيو آهي.)

ڪيئي سال پوءِ اسان جيڪب آباد جي سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي، گڏ موٽي رهيا هئاسين تہ مون هن کي انهيءَ تقرير جو اهو آخري شعر ياد ڏياري پڇيو تہ: "سائين! آتش نمرود، گلزار ابراهيمي ٿي يا نہ؟"

هن چيو: "بابا سچ پڇين تہ...."

مان وڏيڪ لکي نہ ٿو سگهان. ڇو تہ اهو جواب واهولي وانگر تاريخ تي مٿي وارو ڏڪ هيو. اهڙو ڏڪ. جو ميڪسيڪو ۾ ٽراٽسڪيءَ کي اسٽالن جي ايجنٽ بہ نہ هنيو هو. اهو جواب منهنجي شاعريءَ جي صداقت جي بهترين تصديق آهي. جيڪڏهن موقعو مليو تہ اهو سارو جواب لکندس.

ڪيترائي ٻيا وڪيل وڙا، منشي مڙا ڪُٽ خلق ها. سواءِ شڪارپور جي محمد سچل وڪيل جي، جنهن جي هڪ ڳالهہ ياد اچي ٿي. هُو ڪافي ذهين هو ۽ تازو لنڊن مان ٻاءِ باس ڪرائي آيو هو ۽ مون سان هاءِ ڪورٽ ۾ مليو هو. هن چيو تہ: "هاڻي وڪالت گهٽ ڪري ڇڏي اٿم ۽ رحمان علي نقويءَ وانگر نہ ٿو مرڻ چاهيان تہ فائيل ڪڇ ۾ هجن ۽ مان هاءِ ڪورٽ جي ورانڊي ۾ ٺهڪو ڏئي ڪِران. موت ڪو اطلاع ڏئي يا وزٽنگ ڪارڊ موڪلي تہ نہ ايندو آهي. پوءِ هن حافظ جي هڪ سٽ ٻڌائي:

"اين دفتر بي معنيٰ غرق مئي نابِ اولا."
(هي بي معنيٰ دفتر خالص شراب ۾ غرق هجي تہ بهتر ٿيندو.)

اها سِٽ منهنجي دل ۾ تير وانگر کپي وئي. مان مسٽر جسٽس تنزيل الرحمان وٽ اپيل هلائي رهيو هوس. ٽيئن ڏينهن تي مون اها ختم ڪئي تہ بيمار ٿي پيس ۽ وڪالت کي خيرآباد چيم. 'اين دفتر بي معنيٰ....' واري سٽ پڙهي آفيس ڇڏيم. جا نيٺ منهنجو پٽ انيس وڪڻي آيو. باقي منهنجي پراڻي سکر ۾ لکھا ربين جي جاءِ ويران پئي آهي، جنهن ڏانهن مون اجا تائين ڏيان نہ ڏنو آهي، ڇو تہ ان جي چوڌاري غليظ ترين دهشتگرد رهن ٿا. جن کي مان وقت ناوقت ڪم بہ ايندو رهيو هوس. هو طوطي چشم آهن ۽ هن وقت درندگيءَ جي ايتري چڪر ۾ آهن، جو مرڪزي وزير خورشيد شاهہ جي مامي ڊاڪٽر اعواڻ کي منهنجي گهر کان ڏهہ قدم پري گولي هڻي ماريو هئائون. اهي سڀ چڱا ماڻهو هوندا هئا. انهن تي سوچي مون کي هڪ فلم ياد ايندي آهي، جنهن ۾ ڏيڪاريو ويو آهي تہ شهر ۾ اهڙي هوا گهلي، جو سڀ ڪُتا چِتا ٿي پيا ۽ پنهنجن مالڪن کي بہ کائڻ لڳا. ڏسجي ان ديوانگيءَ جو اهڙو دؤر ڪيستائين ٿو هلي. في الحال تہ مان ڪنهن کي بہ سکر موڪلڻ نہ ٿو چاهيان. جيڪي لٽ ڏسي لرزي ويندا ها، شل نہ انهن جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف اچي! هو ڇا جو بدلو وٺي رهيا آهن، ڪهڙو ڪيتو ڏيندا. ان

جو فيصلو اجا تاريخ کي ڪرڻو آهي. سواءِ حسن حميديءَ ۽ فتح الله عثمانيءَ جي، هو جيڪڏهن آئينو ڏسن ها تہ اهو بہ ٽڙڪي پوي ها.

شڪارپور ۾ منهنجي پاڙي ۾ رهندڙ شيخن ۾ منهنجو هڪ ڪلاس فيلو مهتاب بہ هو، جنهن کي اسان ٻِجو سڏيندا هئاسين، هو ڄڻ تہ هڪ سرئيلسٽ (Surrealist) شاعر هو.

هڪ ڀيري ڪنهن شخص کي اکين ۾ ڦلا پئجي ويا ها. هن کي ڏسي چيائينس تہ: ”اکيون تہ ائين اٿئي، ڄڻ حوض ۾ ڪانگهارا پيا آهن!“ ٻئي ڀيري اسان جي هڪ مائٽ، جو سي. آءِ. ڊي جو ڪانسٽيبل هو کي چيائين: ”ڪن اٿئي يا شوالي ۾ ڏيئا ٽا ٻرن!“ ٽئين ڀيري هڪ شخص نم جي ٽڙ سان ٽيڪ ڏئي ويٺو هو تہ هن کي چيائين: ”ويٺو تہ ائين آهين، ڄڻ مڪان ۾ ٻهارو رکيو آهي!“

باقي ٻيا ڪائيندا پيئندا ۽ مرندا ها ۽ مٽيءَ سان مٽي ٿي ويندا ها. هنن جي ٽيجهي تي اسان پلاوَ جي ديگ رڌيندا هئاسين. هرڪو پنهنجي حصو ٿال ۾ ڪٽي ويندو هو. عيد جي ڏينهن هنن جي قبرن تي ويندا هئاسين. قل پڙهي قبرن تي پٽهي وجهندا هئاسون. جنهن جي ڪڙڪي تي منڪر نڪير جي حساب ڪتاب ۾ خلل پوندو هو.

جان ڪينيڊيءَ هڪ ڀيري چيو هو تہ: ”موت خوش قسمتيءَ ڪان وانجهيل آهي. ڏرتي هر شيءِ موتائي تي وني، جيڪا اُن ڏني آهي.“ اها ڳالهہ ڪينيڊي ڀائرن، اندرا گانڌي، راجيو گانڌي، مجيب الرحمان، لياقت علي ۽ شهيد ڀٽي جي باري ۾ بہ ايتري صحيح آهي، جيتري انهن انسانن جي باري ۾ جي چچ ها، جن جا لباس ليڙون ليڙون هوندا ها ۽ جن جي چڳن ۾ چيڙهہ هوندو هو. موت مٽيءَ ۾ ليٽائي ڪنهن جا ميڻڊا نہ ڏوئندو آهي، هر شيءِ ڪنهن ڪُن ۾ ڦيرائيون ڪائي ٻڏي ويندي آهي.

فراق گور کپوريءَ جو شعر آهي:

اب یاد رفتگاں کی بھی ہمت نہیں رہی
یاروں نے کتنی دور بسائی ہیں بستیاں

(هاڻي تہ گذري ويلن جي ياد جي همت نہ رهي آهي،
يارن وستيون ڪيڏو درو وسايون آهن!)

مان اهي شب گرد هٿائي، ياسمين کي مٽي تي هٿ ٿو رکان، جا مڙس

سان گڏ عمري تي وئي هئي ۽ پنهنجن ڏيئرن ٻُشن ۽ ڪنول سان گڏجي اسان سان ملڻ آئي آهي. هُن ماءُ کي آب زم زم سان ڀريل ٽرماس ۽ رمضان لاءِ مديني مان آندل تسبيح، مصلو ۽ ڪارڪون ڏنيون. زرينا، جا هڪ مذهبي عورت آهي، اهي وٺي ايترو خوش ٿي، ڄڻ تہ ڪيس قارون جو خزانو ملي ويو هجي. هوءَ ڏيءُ کان جدي، مڪي ۽ مديني جون ڳالهيون ٻڌي رهي آهي، جي ڪُٿي نہ ٿي ڪُٿيون. انيس، جو هن وقت جدي ۾ پي. آءِ. اي جو مئنيجر آهي، سندن ڏاڍو خيال رکيو هو. هُو پوءِ دبئي مان ٿيندا پاڪستان پهتا هئا.

زرينا، انيس کي اڳ ئي چئي ڇڏيو آهي تہ ٻئي سال هن کي حج ڪرائي.

نتشي چيو آهي تہ: ”مغرب ۾ ٻہ منشيات آهن: الڪوهل ۽ عيسائيت.“ هو نيٺ ديوانگيءَ ۾ مري ويو. مون سوچيو آهي تہ منهنجي ۽ خدا جي وچ ۾ جيڪڏهن بقول علامہ اقبال ’دين ملا في سبيل الله فساد‘ نہ اچي ها تہ منهنجي ساري عمر يقين ڪامل ۾ گذري ها. ملان ’عمامو‘ آهي، ’عصا‘ آهي ۽ ’اعصاب شڪني‘ آهي. مون کي هر ملان کي ڏسي خوف ٿيو آهي تہ جا شمع منهنجي هٿ ۾ آهي، هڪ ڦوڪ ڏئي وسائي نہ ڇڏي، نہ تہ مون زرينا جي بيماريءَ ۽ صحتيابي ڏسي محسوس ڪيو آهي تہ خدا جو نانءُ بهترين طبيب آهي ۽ اهو ڪنهن نيم خوانده ماڻهوءَ جي منهن تي بہ اچي ٿو تہ هو ابي سينا ۽ ابن عربيءَ کان وڌيڪ ڏاهو آهي. ڀٽائي چواڻي:

”تون حبيب تون طبيب، تون دارون ڪي دردن.“

مون کي موت جا حيرت انگريز واقعا لکڻ رهجي ويا آهن. مان ۽ زرينا، واديءِ ڪاغان ڏسڻ تي وياسون تہ منهنجي دوست حسن ڀٽي (ڀانيان ٿو تہ هو هن وقت مرڪزي حڪومت ۾ ڪو سيڪريٽري آهي.) پبلڪ هاءِ اسڪول ائبٽ آباد جي چيئرمئن ڪرنل رحمان کي فون ڪري چيو هو تہ هو ائبٽ آباد ۾ اسڪول جي ريسٽ هائوس ۾ اسان جي رهائش جو انتظام ڪري. مان ان سئر سفر متعلق پوءِ لکندس، هتي في الحال اهو لکڻ ضروري ٿو سمجهان تہ ڪرنل رحمان جي جنرل ايوب خا[illegible] جي پٽ گوهر ايوب سان ماٺني هئي ۽ ايئر مارشل اصغر خان، تحريڪ اس[illegible]لال جي سربراهہ سان دوستي هئي. هن اسان جي منجهند جي ماني ريسٽ ه[illegible]ئرس ۾ ڪرائي، جتي مانيءَ تي اسان

سان هڪ پنجابي جوڙو بہ موجود هو جي بہ اسان وانگر مهمان ها ۽ ڪجهي ادرڪ رڙڪي رهيا هئا. جڏهن اسان ماني پئي ڪاڌي، تڏهن ڪرنل رحمان مون کي ۽ منهنجي زال کي پنهنجي گهر چانءِ جي دعوت ڏني. اسان شام جو هن جي گاڏيءَ ۾ هن جي جاءِ تي وياسين، جتان سڄي ائبٽ آباد نظر اچي رهي هئي ۽ ديال جا وڻ ائين ٿي لڳا، ڄڻ آسمان ڌرتيءَ تي تنبو لڳايا هجن.

مون کان ڪرنل رحمان پڇيو تہ: "ڇا مان ايئر مارشل اصغر خان سان ملڻ چاهيندس."

مون هائوڪار ڪئي تہ هن چيو: "سڀاڻي تہ هو پنڊيءَ ڏانهن ڪنهن پارٽي ميٽنگ ۾ ٿو وڃي ۽ اوهان واديءِ ڪاغان وڃي رهيا آهيو. اوهان جڏهن موٽي اچو تہ ساڳئي ريسٽ هائوس ۾ رهجو تہ مان اوهان جي ملاقات اصغر خان سان ڪرائيندس. ڪرنل رحمان هڪ نهايت مهذب انسان هو ۽ ذري گهٽ ساري دنيا گهمي آيو هو. ٻئي ڏينهن اسان ٽوئرسٽ بيورو جي جيپ تي واديءِ ڪاغان ڏانهن روانا ٿياسون. اسان کي سيف الملوڪ ڍنڍ تائين وڃڻو هو. زرينا ڊرائيور جي پرسان نہ ويٺي ۽ مون کي وچ ۾ ويهاري پاڻ دريءَ جي پاسي کان ويٺي. وادي اٽڪل ٻارنهن هزار فوٽ هيٺ هئي. زرينا هيٺ ٿي ڏٺو تہ ڪيس پنواٽي ٿي آئي. مٿان پهاڙ تي چيل ۽ ديال جا ايوب خان کان گهڻو اوچا وڻ ها. جڏهن شوگران وٽ جيپ پهتي، تڏهن مون زرينا کي چيو تہ رات هتي ريسٽ هائوس ۾ گذاريون ۽ صبح جو تازا توانا ٿي پوءِ اڳتي هلنداسون. ريسٽ هائوس ۾ پنجاب جو هڪ مهر جوڙو رهيل هو ۽ ٻيو ڪوئي بہ نہ هو. پٽيوالي کي اسان پنهنجي لاءِ رُوسٽ مرغي ۽ نان چيا، تيستائين مهر ڇوڪريءَ سان ڳالهائيندا رهياسين ۽ اهو ڏسي حيرت آئي تہ پنجاب ۾ سنڌ جي بنسبت ڪيترو امن امان هو. ٻئي ڏينهن مهر ڇوڪرو ۽ ڇوڪري پهاڙيءَ تي هيٺ ڪافي پري هليا ويا، ڄڻ ڪنهن تاثريت پسند (Impressionistic) تصوير جو حصو ٿي نظر آيا. خدا پاڪستان جي اتر کي ڪيترو نہ خوبصورت بڻايو آهي! ناشتو ڪاڌوسين تہ زرينا چيو مون کي مٿي کي ڦيري ٿي اچي، مان اڳتي نہ هلنديس، تنهنڪري بهتر ٿيندو تہ موٽي هلون. اسان منجهند جو ائبٽ آباد جي پبلڪ اسڪول جي ريسٽ هائوس پهچي، پٽيوالي کي چيو تہ ڪرنل رحمان کي اسان جي موٽي اچڻ جو ٻڌائي. پٽيوالي اکيون اگهندي چيو تہ: "ڪرنل رحمان تہ گذاري ويو."

”هان!“ مون ڪان رڙ نڪري وئي. ”هن کي ڇا ٿيو؟“

”ڪرنل صبح سان پهاڙيءَ تان سائيڪل تي اسڪول ويندو هو. جيئن هو اسڪول پئي آيو تہ هڪ بس هن سان ٽڪرائي ۽ هو ٿڏي تي مري ويو.“

مون ريسٽ هائوس ۾ ٽيڙ نہ لاٿا ۽ ساڳيءَ جيپ ۾ پنڊي هليو ويس. بئي پيري ترڪي ۽ استنبول ۾ اسان کي تاريخي جايون ڏيکاري رهيا هئا. اسان جو گائيڊ هڪ ڪميونسٽ هو. جنهن اسلام ۽ ترڪيءَ جي سلطانن کي گهٽ وڌ ٿي ڳالهايو. هونءَ تہ ترڪيءَ جي ڪميونسٽ پارٽي (ٽي. ڪي. پي) جو هيڊ ڪوارٽر جرمنيءَ ۾ هو. پر استنبول ۾ ترڪ پنهنجي خيالات جو اظهار نهايت بي باڪيءَ سان ڪري رهيا هئا. هو اسان کي ڪافي ڪجهہ ڏيکاري، سلطان عبدالحميد جي حرم سرا ۾ وٺي هليو جنهن جي ديوارن تي ڪاشيءَ جي سرن تي قرآني آيات جي خوبصورت خطاطي ٿيل هئي. هيٺ ٿي سؤ ڪڏين جيترا ڪمرا ها، جن ۾ ڪٽ جيترو پلنگ پئجي سگهي ها. حرم سرا جي گائيڊ، جيڪو بہ ڪميونسٽ هو سلطان عبدالحميد کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي چيو: ”مٿي قرآني آيتون لکيل آهن ۽ هيٺ سلطان جون ٿي سؤ داشتائون رهنديون هيون. اڳئين دؤر ۾ عورت سان ڪيترو نہ ظلم ڪيو ويو آهي!“

اسان سان مسٽر سيٺي، پشاور يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر گڏ هو. هو اسلامي تاريخ ۽ روميءَ جو فدائي هو ۽ جڏهن پشاور يونيورسٽيءَ ۾ هن رومي ڊي ملهايو هو تڏهن مون کان صدارت ڪرائي هئائين. مسٽر سيٺي، جو اڳ ئي پريو وينو هو گائيڊ جي ياوه گوئيءَ تي مشتعل ٿي ويو ۽ هن کي چيائين: ”تون ڪير ٿيندو آهين اسان جي سلاطين کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ وارو؟“ گائيڊ بہ هن کي نهايت غصي وارو جواب ڏنو: ”سلطان منهنجا ها يا تنهنجا؟ تون ڪير آهين مون کان سوال ڪرڻ وارو؟“

اسان غصي ۾ ٻاهر نڪتاسين تہ گوڙ ٿي ويو. منهن ورائي پڇيوسين تہ: ”ڇا ٿيو؟“ معلوم ٿيو تہ گائيڊ هارٽ اٽيڪ (دل جو دورو) پوڻ ڪري مري ويو.

مون کي اهڙو ٿيون بہ عجيب وغريب واقعو ياد ٿو اچي. مولانا عبدالستار نيازي، بينظير جي حڪومت ۾ مرڪزي وزير هو. هو ڪنهن اردو ڪتاب جي رونمائيءَ ڪرڻ لاءِ اسلام آباد مان ڪراچيءَ اچي رهيو هو ۽ مصنف کي چيو هئائين تہ مهمان خصوصي مون کي ڪيو وڃي. مون کي ان

مصنف پاران گذارش ڪئي وئي تہ مون بہ هائوڪار ڪئي. ڪتاب جي رونمائيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ مولانا صاحب کي دل جو دورو پيو ۽ هو اسلام آباد ۾ گذاري ويو. ڪجهہ وقت رکي مون کي مصنف صدارت لاءِ چيو جيڪو مون قبول ڪيو. افتتاح کان هڪ ڏينهن اڳ مون کي زوردار دل جو دورو پيو ۽ مان وچي مڊ ايسٽ سينٽر ۾ داخل ٿيس، جتي سترنهن ڏينهن هوس. پر زرينا جي صبح شام جي خدمت ۽ پنهنجي ڌيءَ ياسمين ۽ ڏوهٽي ڪنول جي محبت ڪري بچي ويس. مون اهو ڪتاب ڪٿي لائبريريءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ان کي ڏسندي مون کي خوف ٿو ٿئي.

هاڻ انهن ڳالهين ۽ مذهب کي پاسي ڪندي، مان هيٺيون شعر جهونگاريان ٿو:

نسيم خلد مى وزد مگرز جوئبار ها
کہ بوءِ مشک مى دهد هواءِ مرغزار ها

(بهشت جي هير نديءَ جي ڪپر تان ٿي اچي،
پکيئڙن جي آکيرن مان مشڪ جي خوشبو اچي رهي آهي.)

زرينا! اچ تہ وري بيگاري ۽ شاهي باغ ڏانهن هلون. شاهي باغ تي بہ مان لوڪرام ڏوڏيجا جي ڪتاب 'منهنجو وطن منهنجا ماڻهو' مان توکي ڪجهہ پڙهي ٿو ٻڌايان، ڇو تہ هن جي لکڻيءَ ۾ جا بي مثال انفراديت آهي، سا پيرومل مهر چند، لال چند امر ڏني مل ۽ پرمانند ميوارام ۾ بہ نہ آهي. بمبئيءَ ۾ منهنجي پاڪستان واپس اچڻ کان هڪ رات اڳ، هن جو پٽ هن جا ڪتاب الهاس ننگر مان بمبئيءَ ۾ ناڪر چاولا جي جاءِ تي مون لاءِ کڻي آيو هو. هن شڪارپور جي باغن لاءِ لکيو آهي:

"باغن ۾ سوادي ميوا بہ جهجها ٿيندا ها. لال بخش جي باغ جا ڏوڪا، ڪارڪان، اهڙيون منيون جهڙا مصريءَ جا ڳنڊا. ڪارڪان بہ ڏوڪن جيڏيون وڏيون ۽ ککڙي بلڪل ننڍڙي. ياڻي تلوءَ جي باغ جا زيتون، زردالو ۽ پيچ بہ ڏاڍا رسيلا هوندا ها. جلال جي باغ جا ڦاروان ۽ اچا ڪارا توت تہ اهڙا متارا هوندا هئا، جڏهن راسبريءَ جا ڏڪ ٿا پيئون! باغائيءَ کان پئسي ٽڪي جا ونبا ها تہ پلاند پري ڏيندو هو. اڇيءَ تر مغزيءَ جي تراوت ۽ سواد نرالو هوندو هو. اها ڪرامت سنڌڙيءَ جي صدوريءَ ڌرتيءَ جي هئي.

اتي هر روز ڪنهن نہ ڪنهن باغ جي ڪوهہ تي ضرور وڃبو هو جو اُتي گهڻا مطلب پورا ٿيندا ها. اتي ڏيساور جي اگهن ماگهن ۽ واءَ سواءَ جو پتو پوندو هو. ورزش ڪري هڪبئي کان ڪشتي ۽ ملهہ جا داءَ پيچ سکبا ها. اخباران بہ ڪٿي ايندا ها ۽ پرائيءَ پچار جو مزو ونبو هو. نيسر جي ڏارا تارونءَ تي پوندي هئي تہ لنوَ لنوَ ٺري پوندي هئي ۽ تن من جا سڀ ٿڪاوَ شانت ٿي ويندا ها. سڀ کان اڳ ميٺ پائبو هو. جنهن ۾ نم جا پن، ڏهي، رابيل يا موتئي جا گل وجهي، بدن تي لڳائي سڪائبو هو تہ آرايون ۽ ڦرڙيون لهي وينديون هيون ۽ بدن اطلس جهڙو لسو ۽ خوشبودار ٿي پوندو هو. ڪوهن تي زالن لاءِ ڍڪ جي پردي سان اتاهين پتين سان جدا آڏر هوندا هئا.

باغن ۾ ڪوهہ گيڙڻ لاءِ ڏاندن ڪي ہڏل گهنڊڙيون، نار ڦرڻ ۽ پاڻي وهڻ جو منو آواز ائين لڳندو هو جڻ تال سُر سان ڪا سارنگي ٿي وڄي. باغائي ڏاند جي اکين تي ان لاءِ ڪوپا چاڙهيندا ها تہ متان ائين چاڻي ڪو لڦڙو نہ ڪن تہ هو ساڳئي هنڌ ڦيرا پائي رهيا آهن.

شڪارپور ۾ سڀ کان وڏو باغ اٽڪل بہ ميل چورس، شاهي باغ هوندو هو. ان جي داخلا ونگ ڏاڍي شاندار هئي، ڇو جو پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پٺاڻ بادشاهہ ان باغ ۾ اچي ديرو ڪندا ها. ان وقت باغ ۾ شينهن، چيتا، رڇ، جهنگلي سؤر وغيره جانور هوندا هئا، جو انهن جو ٻويدو مقابلو ۽ ويڙهہ ڪرائڻ، بادشاهي رؤنشو ۽ وندر هوندي هئي. جڏهن بادشاهي نہ رهي تہ ڏتڙيل ميونسپالٽي، جانورن لاءِ پوري خوراڪ ميسر ڪري نہ سگهي تہ انگريزن اهي جانور ڪراچيءَ جي راڻي باغ ڏياري موڪليا.

اسان جي سانير ۾ اتي رڳو ’پکي ـ گهر‘ هوندو هو جتي رنگ برنگي پکي پيا چهہ چهہ ڪندا ها.

ڪشمير، مئسور ۽ جپان وغيره ڏارين ملڪن جا مشهور باغ گهميو آهيان، پر شڪارپور جي شاهي باغ جو لطف ۽ راحت ڪا اور هئي! وڏن وڏن ٻارن ۾ جڻ سائي گاهہ جا غاليچا وڇايل هئا. جن جي وچ ۽ ڪنارن تي رنگ برنگي گلن جو پرت پريل هو. گلاب جا گل، اڇي ڳاڙهي سائي پيلي ۽ نيري ۽ چٽڪمري رنگن جا، تن جي جدا جدا مست سڳنڌ ۽ ڪِن گلن ۾ پوپٽن، پکين ۽ باندرن جون شڪليون هونديون هيون. هيو ڪٿي بہ اهڙا گل ڏسڻ ۾ نہ آيا ها، رڳو هماليہ ڳنڌ مادن پربت تي مشهور Valley of Flowers (گلن

جي ماٿريءَ) ۾ اهڙا عجيب گل ڏٺا هئم.

شاهي باغ جي پنئين پاسي کان سنڌ واهہ طرف جيڪا سڙڪ ويندي هئي، ان جي ٻنهي پاسن کان سِرنهن ۽ نم جي وڻن جون تاريون پاڻ ۾ ائين مليل هونديون هيون، جڻ تہ ڪي وڇڙيل پريمي گلي ملي رهيا آهن. سڄي رستي مٿان هڪ قدرتي ونگ ٺهيل هئي! سياري ۾ اترجي هوا سوسات ڪري وڻن مان ائين نڪرندي هئي، جڻ تہ گهڻي وقت کان وڇڙيل محبوب کان دل جون آهون، ٿڌن ساهن ۾ ڪڍي رهيا آهن! ان سڙڪ تي جهونجهڪڙي جي سانت ۽ نويڪلائيءَ ۾ جيڪا راحت ۽ سڪون ملندو هو، سو وساري نہ ٿو وسري!

ائين تہ باغن ۾ ٻارهوئي رونق لڳي پئي هوندي هئي، پر هوليءَ تي تہ ميلو لڳو پيو هوندو هو ڇو تہ نانين ۽ پيٽوين کي سڄي ڪٽنب سميت ميل ڪرائبا ها. ائين تہ ناهي تہ باغن جا مزا رڳو شڪاپور ۾ ها، پرسنڌ جي هر هڪ شهر ۾ اهڙا باغ هوندا هئا. مطلب تہ سنڌ جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ باغ ۽ کوهہ اهم پارٽ ادا ڪندا ها ۽ انهن ئي سنڌين جي زندگيءَ ۾ زندهہ دلي ۽ بهادري آندي هئي. انهن باغن ۽ کوهن جي وچ ۾ مستيءَ ڀريل ماحول ۾ جيئرن عاشقن جا جذبا بہ جاڳندا هئا."

واهہ ڇا منظر ڪشي ۽ ڇا تہ ٻولي آهي! لوڪرام کان اڳ ڪنهن بہ بزرگ اديب، اسان اڳيان، اطلس ۽ ڪمخواب جي تاڪين جيان، ٻولي کولي نہ رکي هئي.

مان سياري اونهاري ۾ صبح جو 5 وڳي اٿي، شاهي باغ جا ٽي چار چڪر ڏيندو هوس. پنهنجيءَ گهر مان نم جي وڻ جو ڏندڻ پٽي، ان سان رستي تي ڏند بہ صاف ڪندو ويندو هوس ۽ مندر جي ڪلس مٿان پوئين پهر جو چنڊ بہ ڏسندو ويندو هوس. اهو پنڌ مان ٽئين درجي انگريزيءَ کان انٽرميڊئيٽ تائين ڪندو هوس. رات جو پني تي خيام جي ڪائي رباعي، حافظ، غالب يا اقبال جو ڪوئي غزل يا نظم يا پٺائيءَ جو شعر پني تي لکي، اهو پنو پاڻ سان ڪٺي واري واري سان پڙهندو ويندو هوس، تان جو اهو مون کي بلڪل ياد ٿي ويندو هو.

شاهي باغ ۾ مند موجب جاءِ بجاءِ ڪرني، ڪيتڪي، ٽانگر، گلاب ۽ رابيل جا گل، زمين ۾ پوکيل هوندا هئا. ٿورا ٿارون جا ٻوٽا بہ هوندا هئا.

انجير، انب، زيتون، ڪاٺ گدرا، توت، شهتوت، خشيون بہ ٿينديون هيون، جي ڏينهن جو طوطا ٽُڪيندا ها تہ ڪانياٺيءَ جو زيڪو پيو پوندو هو. جنهن وقت مان شاهي باغ ويندو هوس، ان وقت ابابيل آسمان ۾ اڏامندا نظر ايندا ها ۽ بيا پکي پکڙ اجا ننڊ ۾ هوندا ها. مان اڪثر سوچيندو هوس تہ ڇا پکي بہ سپنا ڏسندا آهن ۽ جي ڏسندا آهن تہ ڪهڙا سپنا ڏسندا آهن؟

باغ ۾ هزارين گلن جون ڪونڊيون رکيون هونديون هيون، جن ۾ ڪجهہ خوشبودار گاهہ ۽ ڪيترن ئي قسمن جا گل ٿيندا ها. گل بنفشہ، گل خيرو پست جي ڏوڏين جا ڳاڙها گل، جن ۾ ڏوڏيون بہ ٿينديون هيون، جن کي ڇهڪ ڏئي آفيم ڪڍي چڏيندا ها. گلنار گل بخمل، گل طوطو گل ڪتو عشق پيچ، ناڙا، سورج مکي، گينڊي جا پيلا گل، جن کي انگريزيءَ ۾ ميري گولڊ چوندا آهن، جي مون لنڊن جي ڀراڙيءَ ۾ اڪيچار ڏٺا ها. گل جعفري، گل طرو گل کهنبو جنهن کي هنديءَ ۾ ڪُسمر چوندا آهن (مون اهو لفظ اقبال بانوءَ جي ڳايل ’سر بهار‘ واري ڪئسٽ ۾ ڪٿي ٻڌو هو.) ۽ بيا اڪيچار گل ڪونڊين ۽ زمين ۾ پوکيل هوندا ها. ان کان سواءِ فرن، بيدِ مجنون، پام (Palm) (پکن واريون ڪجيون)، گل نرگس، زعفران، زنبق، چمپا، گل چيتو گل عقيق، جنهن ۾ قرمزي رنگ وارا گل هوندا ها. نيريون، ڳاڙهيون ۽ اڇيون، بوگين ولا، گل لالہ، گل شبو (اهي گل مان چار شوري ۾ وڃ، سي هائوس جي باغ مان پٽي ڪنهن ڏانهن تحفي طور موڪليندو هوس ۽ جو هاڻي ڪراچيءَ ۾ تحفن جي گل دستن ۾ گهڻو ٿو استعمال ٿيا بيماريءَ وقت مان جڏهن مڊ ايسٽ ميڊيڪل سينٽر ۾ هوس، تڏهن جيڪي گل دستا محترمہ بينظير ڀٽو جناب عبدالله شاهہ ۽ جناب مرتضيٰ ڀُٽي مون کي تحفي طور موڪليا ها، انهن ۾ پاسن کان گل شبو لڳل ها ۽ وچ ۾ گلاب جا گل ها. گل سوسن، جهومڪا، ڪرن ڦل، گل سنبل، هيرڙ، بيگونيا، فونوگل، جرينيم، گل عباسي، املتاس وغيره جا گل ٿيندا ها. مون کي فارسيءَ جو هڪ شعر ياد ايندو هو جيڪو هر هر دهرايو ويو آهي، پر فرحت واري فضا تي ڪُپي ٿو اچي، تنهنڪري هيٺ ڏيان ٿو:

*اگر فردوس بر روئے زمین است*
*همیں است و همیں است و همیں است.*

جڏهن سِرنهن ۾ گل ڦٽندا ها يا جڏهن نمون ۽ انب پوڪبا ها تہ انهن جي خوشبوءِ منهنجي ساهہ ۾ سمائجي ويندي هئي ۽ هر هر منهنجي شاعريءَ ۾ اُپري آئي آهي. ڪيترين ئي خوشبوئون هيون انهن گلن ۾، جي مون پاڻ چام شوري جي وي. سي هائوس ۾ پوڪايا ها. انهن جو ذڪر مان پوءِ ڪندس.

مان هر آچر تي ڪجهہ درسي ڪتاب، ڪجهہ ادبي ڪتاب ۽ رسالا کڻي، ناشتو ڪري، شاهي باغ هليو ويندو هوس ۽ شام جو گهر موٽي ۽ رات جي ماني کائيندو هوس. سڄو ڏينهن ديوانِ غالب يا اقبال جا ڪتاب، داغ دهلوي، امير مينائي وغيره جا ديوان يا علي قلي بيگ جو سچل سرمست جو رسالو يا ڪوڙي مل جا ساميءَ جا سلوڪ، ديوانِ سانگي، ديوانِ فاضل، ديوان خاڪي وغيره پڙهندو هوس. ڪڏهن ڪشن چند بيوس جي "شيرين شعر" جو مطالعو ڪندو هوس، جيڪو اسان جي ٽئين درجي تي درسي ڪتاب طور رکيل هو. مان ڪڏهن ڪڏهن مرزا قليچ بيگ جا گوناگون موضوعات تي ڪتاب بہ پڙهندو هوس. مرزا قليچ بيگ سَون ماڻهن ۾ انگريزي ادب لاءِ چاهہ پيدا ڪيو هو. ان وقت عام ماڻهن تي اهو اثر هو تہ شاعر چريا ڪريا، نکمٽا ۽ راهون رد ماڻهو ٿيندا آهن. پهريون شاعر مرزا قليچ بيگ هو جنهن انهيءَ اثر کي لاٿو ۽ جنهن پنهنجي هڪ اردو غزل ۾ هڪ سٽ لکي:

شعر کہتے کہتے میں ڈپٹی کلیکٹر بن گیا.

مون کي هن جي باري ۾ اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي هئي تہ هو وڻ ۾ آکيرو ناهي، انهيءَ ۾ ويهي پڙهندو هو. مان بہ انب جي ڏار تي ليٽي يا پپل يا ٻڙ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏئي ۽ ڪڏهن ڪنهن لان ۾ ڇپر تي ليٽي پڙهندو هوس. جڏهن پڙهي ٿڪجي پوندو هوس، تڏهن نوريٽڙن کي بٺلي ڊانسرن وانگيان ٽپا ڏيندي ڏسندو هوس. مون سان گڏ ساڏوءَ نالي هڪ ڪلاس فيلو بہ شاهي باغ ۾ چڪر ڏيندو هو. هن جو چوڻ هوندو هو تہ دنيا جو سارو علم ۽ سائنس اڳ ئي ويدن ۾ آهي. ويدانيت، خدا جي وحدانيت جو تصور سيني مذهبن کان اول ڏنو هو. هُو آريا سماجي هو ۽ ديانند سرسوتيءَ جو پوئلڳ هو. ڪنهن وقت هو ڪنهن سترهين اڌياءَ جي ڳالهہ ڪندو هو پر مون سان واعدي جي باوجود، مون کي پڙهڻ لاءِ نہ ڏنو هئائين. بهرحال هو مورتي پوڄا جي خلاف

هو. هو موتي رستي تي راما مورتيءَ جي آڪاڙي ۾ ڏاڍي ورزش ڪندو هو جتي آريا سماجي ڇوڪرا آڳرين تي ننڍيون ڪهاڙيون لڙڪائي ايندا ها ۽ ڪُشتيءَ جا داوَ ڪيڏندا ها ۽ طرح طرح جون ورزشون ڪندا ها. هڪ ڀيري منهنجو ڪلاس فيلو 'لال' آڱر تي ڪهاڙي لوڏيندو آڪاڙي مان نڪرندي مليو. مون کانئس پڇيو: "آڪاڙي ۾ مون کي وٺي هلندين؟" چيائين, "نہ. اتي اسان کي پاسڻ ڏيندا آهن تہ هر وديشيءَ کي ڀارت مان ڪڍيو ويندو. اتي اوهان جي خلاف بہ پاسڻ ڏيندا آهن. اوهان هڪ هزار سال اسان جو رت پيتو آهي. هي ڪانگريسي بيوقوف آهن, جي اوهان کي ڀاءُ ٿا سمجهن."

مان دنگ رهجي ويس. پوءِ اهڙا سڀ ڇوڪرا مهاسڀا ۾ شامل ٿيا, جي مهاتما گانڌيءَ کي گيدي سمجهندا ها. ويرساورڪر ۽ ڊاڪٽر هيج وار کي پنهنجا هيرو سمجهندا ها. هن وقت هو شايد ڀارتيہ جنتا پارٽيءَ سان آهن. جنهن جو صدر هڪ سنڌي مسٽر آڏواڻي آهي.* جنهن جي پارٽيءَ جي هڪ شاخ شِوسئنا بہ آهي, جنهن جو بال ٺاڪري صدر آهي. اها مهاراشٽرا ۾ اقتدار ۾ آئي آهي ۽ مسلمانن کي بمبئي ڇڏڻ لاءِ چيو اٿائين. بي. جي. پي گجرات ۽ راجستان ۾ بہ اقتدار ۾ آئي آهي. ڀارتيہ جنتا پارٽيءَ جون ڪيئي سنستائون آهن, جي پوري هندوستان ۾ ڦهليل آهن. جيئن ڀارتيہ جن سنگهہ, ڀارتيہ سوام سيوڪ سنگهہ, وشنو هندو پريشد, اکل ڀارتي وديارٿي پريشد وغيره. بي. جي. پي وارا شايد اتر پرديش ۾ اقتدار ۾ شامل آهن.

مان پاڻ هڪ ڪتاب آر. ايس. ايس عملاً هڪ نظريو (R.S.S Avision in Action) جي پيش لفظ (Prologue) جي شروعاتي باب 'آر. ايس. ايس قومي احيا جو سرچشمو' ۾ آر. ايس. ايس جي باني ڊاڪٽر هيج وار جا هيٺيان لفظ پڙهي سوچ ۾ پئجي ويو هوس:

"منهنجو پنهنجو تجربو آهي تہ مسلمان گهڻو ڪري دهماني آهن ۽ هندو بزدل آهن ۽ جتي بہ بزدل هوندا, اتي دهماني هوندا." جنهن معاملي ۾ هندن جي بيداري محسوس ٿي رهي هئي, اها هئي هندن جي ڌرم ڦيرائي عيسائي يا مسلمان ٿيڻ جي هڪ طرفي عمل جي مزاحمت.

جڏهن مون مٿيون ڪتاب پڙهيو هو ان وقت رام جنم ڀوميءَ وارا بابري

---

* لال ڪرشن آڏواڻي

مسجد جي گنبذ کي ڊاهي رهيا ها ۽ جن ماڻهن کي هٿن ۾ ان ڪم جي تڪميل لاءِ متر ڪا ها. انهن ۾ شودر (هاٽي دلت) بہ ها.

مون کي برصغير جو مستقبل نهايت تاريڪ نظر آيو. مون سان هڪ اسلامڪ سوشلسٽ اصغر علي انجنيئر مليو. جنهن جڏهن پاڪستان ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي پنجاهہ سالہ ورسي (گولڊن جوبلي انجمن ترقي پسند مصنفين 1986ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ملهائي وئي هئي.) تڏهن هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي هئي، جو شروع ئي منهنجي نظم سان ڪيو ويو هو. هن مون کان پڇيو: "اياز صاحب! هي ڇا ٿي رهيو آهي؟"

مون ڪيس جواب ڏيڻ بدران سوال پڇيو: "تنهنجو سوشلزم ڇا ٿي ڇئي؟"

آزاديءَ جي تحريڪ عجيب خفتي (Faddist) پيدا ڪيا. جڏهن مان نيو ايرا اسڪول ۾ چوٿين درجي ۾ پڙهندو هوس، تڏهن پروفيسر پوجراج ناگراٽيءَ، جو سڄي عمر ڪنوارو رهيو هو ۽ سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور ۾ پروفيسر هو تنهن اسان کي 'برهم چاريہ' تي ڪلاڪ ليڪچر ڏنو. ان وقت اسان کي ان جي معنيٰ بہ نہ ايندي هئي تہ 'ويريہ' ڇاهي ۽ 'ڪنڊلني شڪتي' کهڙيءَ بلا جو نالو آهي! مان وقت جي سِير ۾ ڪجهہ لهوارو ٿو وڃان، جيئن ناگراٽيءَ جي پوري ڪردار نگاري ڪري سگهان.

هو انٽرميڊيئيٽ ۾ اسان جو سنڌيءَ جو پروفيسر هو جڏهن هو لکي در تي ڪنهن مشهور جاءِ، جيڪا شڪارپور ۾ سني ۾ سني بہ ماڙ جاءِ هئي، ان جي هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. جاءِ جي مالڪ جو پٽ ڏسٽو وائسٽو هو ۽ اڃا ڪنوارو هو. اهو بہ هن سان گڏ رهندو هو. ناگراٽي، ديوان بيدل ۽ ديوان بيڪس جي قلمي نسخي کي نقل ڪرڻ جو ڪم مون کي سپرد ڪيو هو. مان صبح جو پنجين وڳي منهن انڌيري ۾ هن وٽ اهي ديوان نقل ڪرڻ لاءِ ويندو هوس، جي مان ستين وڳي تائين نقل ڪري گهر موٽي ويندو هوس. هڪ پيري ڪائي هندو ڇوڪري، جا ايم. اي هئي، هن جي فلئٽ جي پرسان اچي رهي هئي. ناگراٽيءَ جي دل ٿي تہ هن سان شادي ڪري. هن ڪيترن ئي جوتشين سان مشورا ڪيا. جن ڪيس چيو تہ: "چاليهہ ورهين جي عمر ۾ هن کي برهم چاريہ جو پالڻ ڪرڻ وارو پرن پيڄٽو پوندو. هن مون کي اها ڳالهہ ٻڌائي چيو تہ تون مون سان بابا نيبراج ڏانهن روهڙيءَ هلندين؟ انهيءَ کان ان باري ۾ پڇي اچون."

مان ناگراٽيءَ سان گڏ روهڙيءَ ويس. بابا نيپراج سکر واري قاضي مست وانگر اگهڙ ۾ پسار ڪري رهيو هو ۽ ڪجهہ جبري رهيو هو. مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هُو ڇا چئي رهيو آهي. پر جڏهن موٽياسين تہ مون ناگراٽيءَ کان پڇيو:

"سائين، اوهان ڪجهہ سمجهيو تہ هن ڇا چيو؟"

هن چيو: "هائو مون چٽيءَ طرح سمجهيو. سنت چيو شينهن ڪيئن گانءِ سان زنا ڪندو؟ هن پنهنجي ٻوليءَ ۾ مون کي منع ڪئي."

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هن جو بورچي ڀڄي ويو. ناگراٽيءَ پورو مهينو هن کي تلاش ڪري، ڪيس ڪراچيءَ مان وٺي آيو ۽ جڏهن مان هن وٽ ويس، تڏهن هن مون کي ٻڌايو تہ: "هو بدصحبت ۾ ڦاسي ويو هو. جڏهن ڊاڪٽر هن کي تپاسيو تڏهن هن جي گديا (مقعد) مان ٻُر ٻُر ڪينئان ٿي ڪِريا."

سال 1963ع ۾ بمبئيءَ ۾ هن منهنجي ۽ پٽيءَ جي پنهنجي فليٽ تي ماني ڪئي هئي. مون گهٽو ئي لنوايو پر گوبند مالهيءَ چيو تہ هن وٽ مانيءَ تي وڃڻ ضروري آهي.

جڏهن هن جي فليٽ ۾ وياسين تہ ڳالهين ڪندي هن ٻڌايو تہ هن جي هڪ يوگيءَ سان ملاقات ٿي آهي، جو ڪافي دور رهندي بہ جڏهن هن تي ڌيان ڪندو آهي، تڏهن هن جي ڇِن (Hernia) ڊري ٿي ويندي آهي. پوءِ مون کي هن چيو تہ: "شايد توکي ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿو اچي. هڪ ڀيري مون کي ڏند ۾ ڏاڍو سُور پيو تہ اهو جوڳي اوچتو اچي نڪتو ۽ منهنجي ڏکندڙ ڏند وٽ آڱر گهمائي، ڪيئون ڪڍي مون کي ڏيکاريائين." مون پٽيءَ کي اک سان اشارو ڪيو تہ اُٿي تہ هلون تہ ايتري ۾ هڪ ڳيرو ڇوڪرو اچي ويو. جو هن جي سکر واري رسوئي وانگر خوبصورت هو. ناگراٽيءَ هن کي ڏسي چيو: "مون هن کي پٽ ڪيو آهي ۽ هو منهنجي رسوئي بہ ڪندو آهي ۽ رهندو بہ هتي آهي." اهو ٻڌي، انهيءَ ڇوڪري جي ڇپن تي هڪ فاحشہ وانگر معنيٰ ڀري مرڪ اچي وئي. ناگراٽي لڳ ڀڳ ستر سالن جو هو يا ان کان مٿي ٿي چڪو هو. پر اڃا تائين ڪنوارو هو. جڏهن ناگراٽي باٿ روم ۾ ويو تڏهن پٽيءَ مون کي چيو: "ڇوڪرو تہ ڪنوار ہوتيءَ وانگر ٿو لڳي."

انساني فطرت ۾ ڪنهن پيهي ڏٺو آهي؟ انهيءَ ناگراٽيءَ، ساميءَ جي سلوڪن جا ٿي حصا ڇاپيا ها. هن کي محمد ابراهيم جويي نئين سر

ترتيب ڏني ۽ دولت مهتاڻيءَ ان کي. ”سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد پاران ڇپجي ڇپجي جلدن ۾ آهي. مون کي ساميءَ جو هڪ سلوڪ ٿو ياد پوي:

”سِڪڻ، سڳر ٿوڪ، لِڪڻ تنهن کان اڳرو.“

پورو سلوڪ ياد ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪيم. پر ياد نہ آيو.

مان جڏهن پڙهندو هوس تہ سومر دت نالي هڪ ماستر دنيا جو پهريون هِپي هو جو شام جو لکي در کان اسٽيشن تائين چڪر ڏيندو نظر ايندو هو. سومر دت، زالن جيڏا وار ڪُلهن تي چوڙي چڏيندو هو ۽ هندو زالن و انگر ريشمي قميص ۽ پتلون پائيندو هو جيڪو بہ کيس ڏسندو هو هن کي زناڻو چوندو هو.

ائين نند جويري چوندو آهي تہ شڪاپور واري سڪ پُل دنيا جي پهرين Flyover Bridge (مٿان لنگهندڙ) پل آهي.

مون اجا مٿين سٽ پوري ڪئي تہ محمد ابراهيم جويي جو فون آيو تہ هو ڪراچيءَ ۾ آهي ۽ مون سان ملڻ ٿو اچي. مون وٽ نثار منصور ۽ ستار پيرزادو اڳ ئي ويٺا ها. نثار مون کي هن ڪتاب جي هڪ حصي، جيڪو لينن ـ گراڊ جي باري ۾ آهي، ان جا پروف پڙهي ٻڌائي رهيو هو جي ڦِڪيءَ ربن تي نڪتل ها. ڳالهين ڪندي مون جڏهن هن سان پنهنجي قنوطيت ۽ انسان جي مستقبل لاءِ مايوسيءَ جو اظهار ڪيو تڏهن جويي صاحب چيو تہ: ”انسان خوابن جي ذريعي زنده آهي.“ مون کيس چيو: ”ها. برونو وانگر، جنهن کي جيئرو جلايو ويو هو.“ مون کي اوچتو هڪ سريئلسٽ شاعر جي سٽ ياد آئي:

“Me, I am measure of the world, by passing through dream.”

”مان، آءٌ ئي دنيا جي ماپ آهيان، ان کي پنهنجن خوابن سان ڪڇي.“

شاعر جو مقصد هو تہ مان دنيا کي پنهنجي خوابن جي گزيءَ سان ڪڇي رهيو آهيان. ان کان هڪ ڏينهن اڳ مون وٽ انور ابڙو منهنجي چؤسٽن جو پروف ڏيکارڻ آيو جيڪو هُو هِن مهيني پنهنجي رسالي ’سارس‘ ۾ ڇپي رهيو آهي. انور ابڙو بہ ترقي پسند آهي ۽ هو ۽ چندر ڪيسواڻي، جو هن سان گڏ آيو هو ۽ ٻيا سوڀي جا مداح آهن.

ڳالهين ڪندي هن مون کي چيو: ”هاڻ تہ روس ۾ ڪميونسٽ پارٽي اڪثريت ۾ چونڊجي آئي آهي!“

مون ڪيس جواب ڏنو: ”جمهوري طور طريقي سان جيڪڏهن ڪميونسٽ پارٽي اقتدار ۾ اچي تہ مون کي اُن تي ڪوبہ اعتراض ناهي. اعتراض تہ مون کي آمريت تي آهي، پوءِ اها پرولتاري آمريت ڇو نہ هجي. سوال اهو آهي تہ برسر اقتدار شخص عوام سان مخلص آهن ۽ اهي قوَل پاڙين ٿا. جي هنن اليڪشن دوران ڪيا آهن يا نہ. جي نہ تہ پوءِ مون لاءِ ڪميونسٽ، اسلامڪ ۽ ڪرسچن سوشلسٽ سڀ هڪجهڙا آهن.

محمد حسن سومرو هڪ ڏاڍو مڙس هو جو سدائين پاڻ سان هاڪي کڻي گهمندو هو. هن تي شڪ هو تہ هو بن هندو لوفرن ناڪر ۽ ٻئي جو خون ڪيو آهي. اوچتو هڪ هنڌان گڏڙن هنن جا لاش کوٽي ڪڍيا ۽ پوليس شڪ ۾ محمد حسن کي گرفتار ڪيو هو. انهيءَ وچ ۾ هندن روئندي جلوس ڪڍيا ها تہ ناڪر جو خون، خونِ ناحق آهي ۽ محمد حسن کي سزا اچڻ گهرجي. پر غالباً پوليس ڪيس چالان ئي نہ ڪيو هو ۽ جي چالان ڪيو بہ هئائون تہ هو ان مان ڇٽي ويو هو. ان واقعي کان پوءِ مسجد منزل گاهہ جي واقعي ٿائين، جنهن جي ڪري سکر ۾ هندو- مسلم فساد ٿيا. انهن کان اڳ ۾ شڪارپور جي هندن ۽ مسلمانن ۾ ڇڪتاڻ نہ هئي. نہ تہ بيگاريءَ، سنڌ واهہ، شاهي باغ، ڏياري، دسهڙي ۽ شنڪر جي ميلي تي، جو وڏي بيگاريءَ پرسان لڳندو هو، هندو مسلم سڀ ڪٺا ٿيندا ها. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪٺا پڙهندا ها ۽ ڪڏهن هڪ ٻئي کان نفرت نہ ڪندا ها.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هندن ۾ ڇوت ڇات هوندي هئي. اسٽيشن تي هندوءَ لاءِ پاڻي الڳ هوندو هو ۽ مسلمان لاءِ پاڻي الڳ هوندو هو ۽ اڪثر هندو دڪاندار اسان کي هٿ ۾ شيءِ نہ ڏيندا ها. جيڪڏهن ڪنهن مسلمان جو هٿ لڳي ويندو هونِ تہ پتجي پوندا ها. پر جڏهن شاهي باغ ۾ چاندوڪين راتين ۾ ڪنور ڀڳت پنهنجي ڀڳت ڪندو هو ۽ پنهنجي رقت آميز آواز ۾ ڳائيندو هو: 'نالي ڏٽيءَ جي ٻيڙو تار منهنجو' ان وقت هندو مسلمان چاندوڪيءَ ۾ گوڏو گوڏي سان ملائي ويهندا ها ۽ چنڊ آسمان ۾ مرڪي رمندو رهندو هو. يا هو ڳائيندو هو:

'آءِ ڪانگا ڪر ڳالهہ، مون کي تن ماروئڙن جي،

ماروئڙن جي سانگيئڙن جي.'

تڏهن ہڏي ائين لڳندو هو تہ هن جي آواز ۾ مستقبل جي ڪائي اڻ لکي لرزش آهي. ڪائي اڻ چٽي تصوير آهي، جنهن جو هو پاڻ بيان ڪري نہ ٿو سگهي ۽ ڪوئي پراسرار اونو ڪائي ڳڻتي، حال تي مستقبل جا بيچين ڪندڙ پاڇانوان وجهندي نظر اچي ٿي ۽ ہڏندڙن تي هڪ گمنام مايوسي ڇانئجي وڃي ٿي.

مون 1963ع ۾ پارت جي سفر دوران گيتا کان پڇيو تہ: "اوهان ۾ ايتري ڇوت ڇات ڇو آهي؟"

هن جواب ڏنو تہ: "اسان ۾ ڪٿي آهي. اسان تہ توسان ساڳين ٿانون ۾ کائيندا پيئندا آهيون، نہ ڪي وري اڪثر سنڌي هندن ۾ آهي. پر پارت جي هندو مخلوق ئي ہيءَ مٿيءَ جي ٺهيل آهي."

اسان جڏهن مٿرا پهتاسون تہ گيتا مون کي چيو تہ: "هتان جا هندو اسان سنڌي هندن سان ٻہ ڇوت ڇات ڪندا آهن. هو چوندا آهن تہ اسان گوشت، مڇي، بيدا کائيندا آهيون ۽ ان ڪري مليڇ آهيون.. آءَ تہ مان توکي هِتان جي ڇوت ڇات ڏيکاريان!"

گيتا کي نرڙ تي تلڪ لڳل هو ۽ ساڙهي ہڏي پئي هئي ۽ هُوءَ بلڪل ہيءَ ڪنهن هندو عورت وانگر لڳي رهي هئي. رستي تي هڪ برهمڻ جو دڪان هو جتي هُو مائي جا پيڙا وڪڻي رهيو هو. گيتا دڪاندار کي چيو تہ: "رپئي جا پيڙا ڏي"

دڪاندار پهرين تہ پرسان رکيل گرم پاڻيءَ جي ڪڙهائيءَ مان هٿ ڌوتا ۽ پوءِ گيتا کي چيائين: "ہڪ جهل!" پوءِ هو گيتا جي ہڪ ۾ مٿان هڪ هڪ ڪري پيڙا ڦٽي ڪندو رهيو. جڏهن ڏهہ پيڙا گيتا جي ہڪ ۾ وڌائين، تڏهن وري ان ڪڙهائيءَ مان هٿ ڌوتائين. پوءِ پنهنجو ہڪ جهلي گيتا کي چيائين تہ: "رپيو ہڪ ۾ ڦٽو ڪر." پوءِ رپيو مراديءَ ۾ وجهي وري هٿ ڌوتائين.

اوچتو گيتا مون کان پڇيو هو: "تو آئين اڪبري پڙهيو آهي؟"

"هائو." مون جواب ڏنو.

"اهو سچو هو يا ڪوڙو هو؟"

"ڪوڙو هو هن ابو الفضل سان رٿ رٿي هئي ۽ ان کي پنهنجي سياسي

مصلحت لاءِ لڪرايو هئائين ۽ پوءِ وڻ هيٺان پورائي، سيني کي ڳولا لاءِ پٺتڪايو هئائين."

"پر هن جا صلاحڪار تہ ابو الفضل ۽ فيضي ها، جي ٻئي سيوهڻ جا سنڌي ها."

"ها، پر جيتري قدر مون کي تاريخ ياد آهي، مان ڀانيان ٿو تہ ابوالفضل کي جهانگير مارائي ڇڏيو هو."

گيتا وڏو ٽهڪ ڏئي چيو: "هڪ سبب اهو بہ هو ورهاڱي جو."

مون مائيڪل ايڊورڊس (Michael Edwards) جي ڪتاب 'برٽش انڊيا جا آخري سال' (The Last Years of British India) جي ٽئين حصي ۾ ٻہ ٽڪرا (Quotations) پڙهيا ها، جي هتي ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان. 1931ع کان وٺي جنگ عظيم جي خاتمي کان پوءِ ۽ انگلينڊ جي ليبر پارٽيءَ جي اختيار ۾ اچڻ جي وچ واري حصي تي، مان پوءِ ايندس. ڦهرين اهي بہ ٽڪرا ڏيڻ ٿو چاهيان، متان مون کان وسري وڃن.

"مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ ائين ٿيندو. مون کي ان جي توقع ڪانہ هئي تہ مان پاڪستان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏسندس." (ايم. اي. جناح)

"تاريخ ڪنهن وقت بي انتها سست رفتاريءَ سان هلي ٿي، جيئن سمنڊ ۾ برف جو پهاڙ (Glacier) هلندو آهي ۽ ڪنهن وقت نهايت تيز رفتار ڏارا وانگر اڳتي وڌي ٿي." (لارڊ مائونٽ بيٽن)

آءٌ تاريخ جي انهن ڪُنن ۾ ڦيراٽيون ڏيندو رهيس، جيستائين ڪالهہ خبر پئي تہ ڀارت دور مار پرٿوي ميزائل ٺاهيو آهي. مان سوچيان پيو تہ: 'ڇا مون کي ايتري مهلت ملندي تہ ٻي مهاڀارت جي جنگ جو ويد وياس ٿي سگهان؟'

مان يادِ رفتگان ۾ عالمِ ارواح مان ٿيندو ڪٿي پهتو آهيان! دراصل جيڪي هتي ۽ هاڻ آهي، سو ٻيهر اچڻو ناهي. پوءِ ڇا جي لاءِ من ماضيءَ جي ڪُنڊيءَ ۾ ڦاٿل رهي ٿو؟ زرينا اچ تہ پاڙي تي نظر وجهون.

اقتصاديات جي مخروطي مناري جي تري وٽ جو عام آهي، اهو سدائين منهنجي دلچسپيءَ جو باعث بڻيو آهي. اهو گمنام جيئي ٿو ۽ گمنام مري ٿو. ان وچ ۾ اسان هن سان، هن کي ڇٽيءَ رات ڀيءُ جي ڏنل نالي سان مخاطب ٿيون ٿا.

اسان جي پاڙي ۾ تلسيءَ نالي هڪ اهڙي عام هندو عورت رهندي هئي، جا آفيم بہ کائيندي هئي ۽ سگريٽ جا دُغاڙا بہ هڻندي هئي. هوءَ ريشمي پتلون، قميص ۽ پوتي پائي پاڙي مان لنگهندي هئي. ڪنهن هن کان پڇيو: ”تلسيءَ جو پوتو سدائين سائو رهندو آهي يا سُڪي بہ سگهندو آهي؟“

تلسيءَ جواب ڏنس: ”جي هن کي پاٽي نہ ملندو آهي تہ سُڪي بہ سگهندو آهي.“

”پوءِ ڏيونس پاٽي!“ سوال پڇندڙ هن جي ڇاتيءَ ڏانهن گهوري ڏٺو. هن جي اکين ۽ چپن جي مرڪ مان شيطاني پئي بَکي.

تلسي هن جي سوال جو مطلب سمجهي پئي ۽ ”ماريا لفنگا“ چئي هڪ ڪئنري (Canary) وانگر ويندي رهي.

ٻيو هڪ دلچسپ شخص، جو اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو ۽ واجد علي شيخ سان گهڻو وقت گذاريندو هو. اهو پنڊ مکي هو. جيڪو گڙنگ جواري هو. هو چوندو هو تہ ٻتي راند منهنجي پِتي ۾ آهي. هڪ ڀيري هن جوا تي ڪيڏي تہ هن ساري پونجي هارائي، جا هُن وٽ هئي. ان کان پوءِ گهر داءَ تي رکيائين، پر اهو بہ هارائي ويو. ان کان پوءِ هن پنهنجي جوان جوءِ داءَ ۾ رکي، جڏهن اها بہ هارايائين، تڏهن هن جي جوءِ کي ٻئي جواريءَ ٻانهن ۾ هٿ وڌو تہ هوءَ روئڻ لڳي. ان تي پنڊ مکيءَ زال کي آٿت ڏئي چيو: ”الڪو نہ ڪر. تون دروپدي تي وئينءَ!“

اسان جي گهر کان ٿيهارو قدمن تي بلو حجم رهندو هو جيڪو پاڪيءَ سان ٻارن جا مٿا ائين ڪوڙيندو هو جو هن کي ياد ڪري، مون کي ڪنهن درويش جو ٻهاڪو ياد اچي رهيو آهي: ”حجامت يتيم جي مٿي تي سکجي، ڇو تہ هن کي مٿي تي ٽڪو ايندو تہ هن جي دانهن ٻڌڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو.“

گهر جي ڀرسان مسجد هئي، جنهن جو ملان رمضان ـ عيد ڏينهن ڪتن کي ڳاوا هڏا زور سان هڻندو هو. هن کي ياد ڪري مون کي روسي ٻهاڪو ياد اچي رهيو آهي: ”جيڪڏهن تون ڪتي کي هڏي سان ماريندين تہ هُو ڪوڪر نہ ڪندو.“

اسان جا بہ مائٽ جڏهن لکي در تان گهر وارين لاءِ راڌي جون تريل چاپون وٺي ايندا ها تہ پاڙي ۾ پيل ڪٽ ڀرسان ٻيهي منهنجي زال جي سؤٽ ادا اختر سان اڌ رات تائين ٻڙا ٻشا هڻندا ها.

ادا اختر نوين وڳي اڏ چانور ڪير سان ڪائي ۽ اڏ ڪير چانورن ۾ وجهي ٻليءَ کي ڪير ڏيندو هو جا هن سان هريل هوندي هئي ۽ پوري نوين وڳي اچي نڪرندي هئي. اسان جا مٿي ذڪر ڪيل مائٽ دونا هٽن ۾ جهلي ٻيٺا ڳالهائيندا ها ۽ هنن ڪان وسري ويندو هو تہ هنن ڪي ۽ هنن جي زالن کي ماني بہ ڪائڻي آهي.

ٻيو هاسو سونارو واجد عليءَ وٽ روز ايندو هو ۽ پٽي ڪيڏندو هو ۽ هن جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيندو هو. جڏهن مان وڪالت ڪندو هوس تہ هو خيرپور واري مرحوم مير علي نواز ناز جي زال باليءَ وٽ وٺي هلندو هو ۽ هن ڪان هيرا, پڪراج وٺي, هن کي وڪٽي ڏيندو هو.

مان جڏهن ڇهين درجي ۾ پڙهندو هوس تہ واجد بخش لوهر عرف واڏل جي آڪاڙي ۾ پٽر جون پڄريون ۽ لوهہ جي ويٽ ڪٽندو هوس, جنهن ۾ لوهہ جي ٿلهي سيخ ۽ وزني ٿيٽا هوندا ها ۽ ڏنڊ بينڪون بہ ڪيندو هوس. هڪ ڀيري مون ويٽ ۾ ڪجهہ زياده ٿيٽا وڌا هيا, جيئن مون سَٽ ڏئي ويٽ مٿي ڪري ٻانهون اُڀيون ڪيون, تيئن ويٽ ڏنگي ٿي منهنجي سِرَ تي ڪِري ها, جي واڏل لوهر ان کي جهلي نہ وٺي ها. اها هئي موت سان منهنجي ٽين ڪُلهي گس.

چوٿين موت سان گوڏي گس تڏهن ٿي, جڏهن مان ريل جي ٿرڊ ڪلاس ۾ سکر مان شڪارپور موٽي رهيو هوس. بدي جي مند هئي ۽ گاڏيءَ ۾ ڏاڍو ٻوسٽ هو, تنهن ڪري مان گاڏيءَ جي دروازي جي هيٺئين ڏاڪي وٽ رڪ جي نلڪن ۾ هٿ وجهي ٻينس. اجا شڪارپور جي ڦاٽڪ وٽان ٽرين مس گذري هئي تہ مون کي ڪنهن ازغيبي طاقت مٿي ڇڪي ورتو ۽ مان مٿي ٿي دروازي وٽ ٿي ٻينس. جيڪڏهن مان مٿي نہ ٿيان ها تہ گاڏيءَ جي دروازي جا ڏاڪا پليٽ فارم جي ايترو ويجها ها, جو منهنجون ٽنگون ٽڪرا ٿي وڃن ها.

ادا اختر مطالعو براءِ مطالعو ڪندو هو. هن ساري عمر ڪتاب ۽ رسالا پڙهيا ها, پر انهن مان ڪجهہ بہ پرايو نہ هئائين. هُو ادب جو آفيمي هو. شام جو جڏهن پڙهي ٿڪجي پوندو هو تہ پاڙي جي پڊر ۾ پيپل ڪٽ تي ليٽي پوندو هو ۽ ليڙي نالي حجم هن کي زور ڏيندو هو. هُو هر روز ليڙي سان ساڳيو چرچو ڪندو هو: ”ليڙا! سنڌيءَ جي هڪ سٽ ٻڌي اٿي, ’هلڪي ذات حجام جي, جيئن نڪر تي نيندو‘“ تہ ليڙو ائين ڪلندو هو جو نڪر تي نيندبيءَ

وانگر لڳندو هو.

شڪارپور ۾ هر ذات جي ڪائي نہ ڪائي چڙ هوندي هئي. دايا، ليمي تي چڙندا ها، سيد پوئڪيءَ تي، شيخ ڪانوَ تي، حجم واڳڻ تي چڙندا ها. اهڙيءَ طرح ڪوري ۽ ٻيءَ هر ڪنهن ذات جي ڪائي نہ ڪائي چڙ هوندي هئي. جي ڪوئي ڪنهن کي پنهنجي چڙ ياد ڏياريندو هو تہ هُو مِڪر ڪري ميڄرجي ويندو هو ۽ هن کي مڃائڻ مشڪل ٿي پوندو هو ۽ ان لاءِ ڏنڊ ڀرڻو پوندو هوس.

هاءِ اسڪول ڀرسان اوڌو داس تارا چند اسپتال هئي، جتي اوڌو داس جي مورتي لڳل هوندي هئي، پر هن جو نالو ڊاڪٽر تي لڳل هوندو هو جيئن آيو ويو ان کي لتاڙيندو وڃي. مون کي اجا معلوم نہ آهي تہ ٻي ڪنهن پنهنجي انا کي ائين ماري مُڃ ڪيو آهي.

اسپتال کان اڳتي ريلوي لائين ۽ اسٽيشن هئي، جنهن کان اڳتي هندن جا باغ هوندا ها ۽ انهن جون بينڪون نهيل هونديون هيون. ان کان پوءِ سي.اينڊ ايس ڪاليج، پوءِ بيگاري ۽ پوءِ سنڌ واهہ هوندو هو. شڪارپور پنهنجي پاڻ ۾ هڪ پوري ڪائنات هوندي هئي، جنهن کان ٻاهر وڃڻ تي دل نہ ٿيندي هئي. سارو شهر ڄڻ سهي جي ٻج وانگر نرم لڳندو هو. لکي در تي رابيل ۽ گلاب جون ڪنديون وڪامنديون هيون، جي شام جو شڪارپوري پنهنجي پاڻ کي ڳچين ۾ پائيندا ها. پر آءٌ هر روز ڪنهن ڪونج جهڙي ڳچيءَ ۾ وجهندو هوس، جنهن جي گهر ڏانهن ويندي روز مان ناناڪيءَ گهٽيءَ مان لنگهندو هوس، جتي ناناڙا ڪُٽ جا برتن ٺاهيندا ها. انهن جي ڪٽ ڪٽان جو آواز اجا تائين ڪوهہِ ندا جي سڏ وانگر منهنجن ڪنن ۾ ٻرندو آهي.

مون حاتم طائيءَ جي قصي ۾ پڙهيو هو تہ ڪوهہِ ندا هڪ جبل هو جنهن مان سڏ اِيندو هو ۽ جيڪو ان سڏ تي ويندو هو تہ وري نہ موٽندو هو.

شام جو مون کي پاتولي پٽ جا ڊيرا ويڙهندي نظر ايندا ها. جڏهن مان پنهنجي دوست جي پيڻ گارگيءَ سان ميونسپالٽيءَ واري رستي تي نڪري ويندو هوس، تڏهن گارگي مون کي تاجي ڀيڻي پٽ لڳندي هئي.

لکي در جي ڀرسان گوشت مارڪيٽ هوندو هو جنهن جي مٿان ڪيئي هِلون (سِرڻيون) لامارا ڏينديون هيون. اهو منظر منهنجي تحت الشعور مان

ايري آيو هو. جڏهن مون لکيو هو:

”هونءَ وڏيرو هِل ڙي!

بگڙي جي سرڪار تہ هن جي جهرڪيءَ جهڙي دل ڙي!“

شڪارپور ۾ خصوصاً ۽ سنڌ ۾ عموماً ڪويہ جهرڪيءَ يا ڪبوتر کي نہ ماريندو هو پر جڏهن مهاجر آيا، تڏهن انهن اهي سوَن هزارن جي تعداد ۾ ماري تري يا رڌي کاڌا ها.

’جيئري جيت کي، متان مارين تون.‘

منهنجو هڪ پيارو دوست ڪار جي ڊگهي سفر ۾ ڳائيندو هو.

شام جو مان، جمال صديقي، غلام قادر مطلباڻي، چانڊوڪين راتين ۾ اسٽيشن جي پريان، رستم ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستي تائين ويندا هئاسين، جتي خانہ بدوشن جا قافلا لٿل هوندا هئا. اتي هنن جا ڪتي جا تنبو کتل هوندا هئا ۽ هنن جا ڪتا ۽ گڏهہ ٻڌا بيٺا هوندا ها. هنن جون ڇوڪريون ڏاڍيون سهڻيون هونديون هيون ۽ سارو منظر چانڊوڪيءَ ۾ ريمبران جي هڪ تصوير وانگر لڳندو هو. مون زندگيءَ ۾ پهريون نظم تڏي تي چيو هو جو منهنجي حافظي ۾ سپ ۾ موتيءَ وانگر بند هو ۽ گهر اچي لکي ڇڏيو هو. اهو نظم هو ’خانہ بدوشن جو قافلو‘ جو پوءِ ’سنڌو‘ رسالي ۾ ڇپيو هو جو انور فگار هڪڙي مون کي ڪجهہ سال اڳ ڪراچيءَ موڪلي ڏنو هو.

خان صاحب حسين بخش جي گذاري وڃڻ کان پوءِ، مان خود اناج مارڪيٽ وچي پلاوٽن سان، پنهنجي ٻنيءَ مان آيل ان جو حساب چڪائي ايندو هوس ۽ ڏسندو هوس تہ ڪيئن نہ ٻهانن سان ان مان ڪٽوتي ٿا ڪن. اناج مارڪيٽ ۾ طرح طرح جي اناج جا ڪرا رکيل هوندا ها، جي نہ ڄاڻ مون کي ڇو وڻندا ها.

ڊِل بہ مان ڏئي ايندو هوس، جنهن تي ٽپيدار ريٽي تي ٻياني رشوت طور وڏيڪ وٺندا ها ۽ جيڪڏهن ڪوئي ان کي ڏيڻ کان انڪار ڪندو هو تہ ڊل بستگيءَ ۾ ڦير گهير ڪري، هن کان هيٺي ڊل وٺندا ها.

اسان وٽ هڪ مشهور لوڪ گيت هو ’ٽپيدار ڙي، ماريو قلم وجهي تو ڪن ۾.‘ تن ڏينهن ۾ ماءُ ڪنهن کي دعا ڪندي هئي تہ چوندي هئي تہ پٽ شل ٽپيدار ٿين يا ناڪي منشي ٿين! ٻيو نمبر رشوت خور ناڪي منشي هوندا ها.

منهنجي لاشعور ۽ تحت الشعور ۾ مطالعي سان گڏ مشاهدو بہ رهيو

آهي، جو منهنجي شاعريءَ ۾ اُڀرڪا ڏئي نڪتو آهي ۽ اهو ٽڙ جي سٽ پُرهہ کوهہ وانگر ڪٿي نہ ٿو ڪٿي، جئن ڪنهن محبوبہ جي محبت جي باري ۾ بار بار اظهار سبب دل بيزار نہ ٿيندي آهي. دراصل شاعريءَ ئي منهنجي محبوبا رهي آهي. ٻيون محبوبائون ان لاءِ بهانا رهيون آهن. انهن جا ڳل، چپ، وار اکيون ۽ سارو بدن منهنجي شاعريءَ ۾ ترو تازه آهن ۽ وقت انهن کي مرجهائي نہ سگهيو آهي. 'نٽي جي هوا ۾ گلابي بدن' بہ هڪ يادگيري هئي، ان گرم جسم جي، جو جنهن وقت منهنجي آغوش ۾ هو، تنهن وقت مون ڪمري جي دري کولي ڇڏي هئي، جنهن جي شيخن مان ايندڙ چانڊوڪي، هن جي گلابي بدن کي گلاب جي گل ۾ بدلائي رهي هئي. پر ان وقت مان جمال صديقيءَ سان ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هوس.

پر اجا تہ مان ڇهين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس. فارسيءَ جي پوري بحر وزن تي مون کي گرفت اچي وئي هئي. هڪ ڀيري سنڌيءَ جي استاد ڪلاس ۾ ڪنهن سٽ جو وزن پڇيو تہ هڪ ڇوڪري ڪلي ڇيو تہ، "سٽ کي ڪيئن وزن ٿيندو؟" مون هٿ مٿي ڪيو تہ مون کي ان سوال جو جواب اچي ٿو ۽ مون استاد کي چيو: "ان جو وزن مفعولن چار رڪني آهي."

"چار رڪني ڇا آهي؟" استاد پڇيو.

مون وراڻيو: "چار ڀيرا مفعولن."

ان تي مون کي استاد چيو تہ: "تون تہ مون کان بہ وڌيڪ ٿو ڄاڻين."

هن کي خبر نہ هئي تہ مون کي 'متفاعلن' چار رڪني بہ ايندو هو جو مان علامہ اقبال جي 'بانگ درا' ۾ شايع ٿيل هڪ غزل مان سکيو هو. ڇهين درجي تائين مون کي فارسي بحر وزن تي پورو عبور هو. بيت ۽ وائيءَ ڏانهن ۽ ماترائن تي ٻڌل شاعريءَ ڏانهن مون گهڻو وقت پوءِ توجهہ ڏني. شاعريءَ جي تخليق ۾ تحت الشعور ۽ لاشعور جو وڏو هٿ آهي. انگريز شاعر وليم بليڪ جو هڪ وڏو سِريت پسند (Mystical) شاعر هو ان شاعريءَ کي الهام ڪونيو آهي، جا فطرت جي رهنمائيءَ (Divine Guidance) سان وجود ۾ اچي ٿي. جڻ ڪوئي ازغيبي هٿ شاعر جي قلم کي جهلي چوي ٿو: "هيئن لک! هيئن لک!" مان دعويٰ سان چئي ٿو سگهان تہ مون جيان ڪتابن پٺيان ڪتاب دنيا جي ڪنهن بہ شاعر ننڍ مان اتي تخليق نہ ڪيا آهن. ان ڳالهہ جو عيني شاهد فقط ڊاڪٽر قاضي منظر حيات آهي، جو جڏهن منهنجي

بيماريءَ وقت خوش خط ۾ منهنجو شعر شام جو نقل ڪرڻ ايندو هو. تڏهن مان بستري تان اٿي بہ نہ سگهندو هوس. جڏهن هو ٻئي ڏينهن ايندو هو تہ اڳي کان ٽيهارو صفحا وڌيڪ لکيل هوندا هئا. مان ٻتي وسائي پرسان قلم ۽ نوٽ بڪ لکي پوءِ سمهندو هوس. اوچتو چرڪ پري جاڳندو هوس ۽ اوندهہ ۾ ڪجهہ لکي، پوءِ سمهي پوندو هوس. وري ٿوري دير اک لائي جاڳندو هوس ۽ ٻيو ڪجهہ لکي سمهندو هوس. ائين سلسلو صبح تائين هلندو رهندو هو. ڪنهن وقت اوندهہ ۾ مان اُبتي قلم سان پني تي رهڙا ڏئي ويندو هوس، جن تي ٻئي ڏينهن قاضي منظر حيات چاڪ پريندو هو ۽ پوءِ نقل ڪري ڇڏيندو هو. اهو سلسلو بہ ٽي سال هليو جيستائين هو لکيءَ ٽرانسفر ٿي ويو. پوري زندگيءَ ۾ مون کي قاضي منظر حيات جهڙو مداح نہ مليو آهي. مان هن جو ٿورو ڪڏهن بہ لاهي نہ سگهندس.

منظر حيات جو سوچڻ مون کي فارسي شاعر آذريءَ جو هيٺيون شعر ٿو ياد اچي:

بہ آں گروہ کہ در ساغر وفا مستند
زما سلام رسانید ہر کجا ہستند.

(انهيءَ گروهہ کي، جو وفا جي ساغر تي مست آهي،
اسان جو سلام پهچايو جتي بہ آهي)

دراصل جڏهن فيروز احمد موٺ وٽان "گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾" ڪتاب ڇپڻ لاءِ ڪٽي ويو، تڏهن مون کي چيائين تہ، "مهرباني ڪري نثر ۾ وڌيڪ لکو ڇو تہ اوهان جي لکيل نثر جي سنڌيءَ ۾ ضرورت آهي."*

محمد ابراهيم جويي بہ جڏهن "ڪٿي نہ پيجبو ٽڪ مسافر" پڙهيو هو تڏهن هُن بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي هئي. مون جڏهن پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو ٻيو حصو "ڪٿي نہ پيجبو ٽڪ مسافر" جي نالي سان ڪجهہ لکيو تہ ٻہ شخص ان ڳالهہ جا اکين ڏٺا شاهد آهن تہ مون مهيني کن ۾ پنهنجي نوٽ بوڪن ۾ يارنهن سؤ صفحا لکيا آهن. هڪ ستار پيرزادو جو ان ڪتاب جو نقل ڪرڻ هر روز ايندو آهي ۽ ٻيو عبدالحميد ابڙو جيڪو ملير جو سيشن جج آهي ۽ جنهن جهڙو جمال ابڙي کان سواءِ مون سان ڪوئي ٻيو ادب

* فيروز احمد ميمڻ، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد جو مالڪ، جو هن وقت سٽيزن هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد ۾ رهي ٿو. (ت.ب)

دوست ۽ راڳ جو ڄاڻو ڄڄ نہ مليو آهي. عبدالحميد ابڙو چوندو آهي تہ مون کي ٻن دانشورن سان عقيدت رهي آهي، هڪ مرحوم اي. ڪي. بروهي سان ۽ ٻيو مون (شيخ اياز) سان. هن کي شاهہ لطيف جي رسالي جو ڪيترو حصو ياد آهي. مون هن کي ٻڌايو تہ مون شاهہ جو پورو رسالو 1968ع ۾ ساهيوال جيل ۾ چڱيءَ طرح پڙهيو ۽ پوءِ ان کي پڙهڻ ڇڏي ڏنو ڇو تہ منهنجي شاعريءَ ۾ شاهہ لطيف جا لفظ اُڀري ٿي آيا ۽ مون خليفي نبي بخش وانگر هن جو پڙاڏو ٿيڻ نہ ٿي چاهيو. مون هن کي چيو، ”هاڻي مون کي هن ڪتاب ۾ پنائيءَ جا ڪجهہ بيت گهرجن.“ هن ان وقت حافظي مان مون کي ڪيئي بيت لکايا، جن مان ڪي هن ڪتاب ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. هاڻي جڏهن منهنجي عمر جا 72 سال مارچ 1996ع ۾ پورا ٿيا آهن ۽ زندگيءَ جو نشيب و فراز نيڪ ۽ بد، حسن و قباحت پوري گهرائيءَ سان ڏسي چڪو آهيان ۽ اهو منهنجي رڳ رڳ ۾ سرايت ڪري ويو آهي، تڏهن وري مون کي وليم بليڪ جا لفظ ياد ٿا اچن:

”جنهن دؤر ۾ شاعر جو ڪم مڪمل ٿيندو آهي ۽ پنهنجي دؤر جا وڏا واقعا رونما ٿيندا آهن ۽ اُهي انهيءَ دؤر ۾ پرجهيا پروڙيا ويندا آهن، تڏهن شاعري تخليق ٿيندي آهي، هڪ گهڙيءَ ۾ نبض جي هڪ ڏڪ ڏڪ ۾.“

ان ڳالهہ ۾ اعتبار تہ ’شاعري الهام آهي،‘ مون هر وقت ۽ هر جاءِ تي ڪيو آهي. حضرت عيسيٰ چيو هو تہ: ”هو خدا جا الفاظ تڏهن چئي سگهندو هو جڏهن هڪ فرشتو هٿن ۾ ٽانڊا کڻي، هن جي چپن سان مهٽي انهن کي پاڪ ڪندو هو.“

اها ڳالهہ مون جان پريس (John Press) جي ڪتاب ’باهہ ۽ چشمو‘ (Fire and the Fountain) ۾ پڙهي آهي، ان ۾ وڌيڪ لکيل آهي تہ:

”ملٽن بہ اهڙو تصور ڇڏيو آهي تہ اهڙي تخليق پنهنجي پنيان ڇڏيان، جا زندهہ جاويد هجي.“

ڪيترائي شاعر آهن، جن پاڻ کان ٻاهر ڪنهن مافوق الفطرت قوت جي رهنمائي پنهنجي لاءِ ضروري سمجهي آهي. غالب چيو آهي:

آتے ہیں غیب سے یہ مضامیں خیال میں
غالب صریر خامہ نوائے سروش ہے.‘

(هي مضمون غيب مان منهنجي خيال ۾ اچي رهيا آهن.
اي غالب! قلم جو آواز فرشتي جي سڏ وانگر آهي.)

اردو ۽ فارسيءَ ۾ ان مافوق الفطرت قوت کي ’هاتف‘ چوندا آهن. ڪنهن مهل اها قوت شاعر کي پورو نظم لکائي ٿي، ڪنهن وقت ترنم واري هڪ سٽ لکائي ٿي ۽ ٻئي ڏينهن لاءِ مواد مهيا ڪري ڏئي ٿي. ڊبليو. بي. ييٽس (W.B Yeats) پنهنجي موت جي بستري تي هڪ نظم لاءِ مواد نثر ۾ 7 جنوري 1939ع تي ٽين وڳي صبح جو لکايو هو پر اهو نظم 23 جنوري 1939ع تي مڪمل ٿيو هو. اها ڳالهہ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ فخر سان لکيل آهي. ييٽس اهو شاعر هو جنهن ’گيتا نجليءَ‘ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو تہ رابندرناٿ ٽئگور کي نوبل انعام مليو هو جو هونءَ شايد ڪيس نہ ملي ها. انهيءَ ييٽس جي فقط هڪ نظم جو ذڪر ايتري طمطراق سان ڪيو ويو آهي. پر مون ان ڪيفيت ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. ان هوندي بہ پراوا تہ ڇا، پر پنهنجا بہ اها قدرداني نہ ٿا ڪن، جو ڪنهن وات ڳاڙهي ڪي جيڪي جيءَ ۾ اچي ٿو منهنجي باري ۾ لکي ٿو.* غالب ساڳيءَ ڪيفيت ۾ هڪ شعر لکيو هو:

تو ای کہ محو سخن گستران پیشینی
مباش منکرِ غالب کہ در زمان تست

(تون جو اڳين شاعرن جي سُخن ۾ محو ٿي ويو آهين،
غالب جو منڪر نہ ٿيءُ جو تنهنجي وقت ۾ آهي.)

دراصل اها زماني جي ناشناسي، ڪا نئين ڳالهہ ناهي. فردوسيءَ جو جنازو طوس مان هڪ طرف کان نڪري رهيو هو تہ محمود غزنويءَ جا موڪليل مُهرن سان اٺ ٻئي دروازي کان اچي رهيا ها.

جيڪڏهن حالي ’يادگار غالب‘ نہ لکي ها ۽ عبدالرحمان بجنوري غالب تي ڪتابچي ۾ ائين نہ لکي ها تہ: ”هندوستان ۾ بہ مقدس ڪتاب لکيا ويا آهن، ’ويد‘ ۽ ’ديوانِ غالب‘، تہ غالب جو قدر نہ ٿئي ها. نہ تہ هونءَ غالب جي ديوان مان پساري پڙيون ٻڌندا رهن ها. پر انهن ڪتابن جي ڇيڇڙ

---

* هتي اياز شڪارپور جي هڪ نوجوان ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنهن غلط تنقيد ڪري هن کي رنجايو هو. (ت.ب)

ڪان پوءِ سڄي هندوستان ۾ واهہ واهہ ٿي وئي.

سنڌ ۾ نقاد پراڻيون خرزينون کوليندا رهيا آهن تہ من ڪوئي سگهر ٿوڪ ملي پوي، هتي، جيڪڏهن لعل لِڌ مان لڀي پوندو آهي تہ ان جي قيمت هونءَ ڪان سؤ ڀيرا وڌيڪ هوندي آهي. بهرصورت نہ غالب پنهنجي مجتا لاءِ لکيو هو نہ مان لکندو آهيان ۽ نہ ڪوئي قابل ذڪر شاعر لکندو آهي. مون ڪي اهي شاعر نہ وڻندا آهن، جي هڪ مشاعري ۾ غزل، نظم يا وائي پڙهڻ لاءِ ٿي سؤ ميل سفر ڪري ايندا آهن ۽ پنڊال ۾ ويهي ان ڳالهہ جو انتظار ڪندا آهن تہ ڪڏهن ٿو هنن جو وارو اچي. جڏهن شعر پڙهي ڪيپ ڪٽندا آهن، تڏهن تهہ سياري ۾ بہ پگهرجي ويندا آهن. شايد هنن کي علامہ اقبال جو هيٺيون شعر تسلي ڏيندو آهي:

موتی سمجھ کے شان کریمی نے چن لئے
قطرات تھے جو مری عرقِ انفعال کی.

(موتي سمجهي ڪريم جي شان چونڊي ورتا
منهنجا پگهر ڦڙا جيڪي مايوسيءَ ۾ وهيل ها.)

سچ تہ اهو آهي تہ شاعر پنهنجي ذات جي تڪميل لاءِ لکندو آهي ۽ نہ ٻين جي تحسين لاءِ. فقط امير مينائيءَ جهڙا شاعر لکندا آهن تہ:

صد بو تلوں کا نشہ ہے اس واہ واہ میں

اڄڪلهہ جيڪي منهنجي دل شڪني ڪرڻ چاهين ٿا، تن کي ڏسي مون کي صائب جو هيٺيون شعر ياد ٿو اچي:

بہ نخل بار ور سنگ ا درو دیوار می بارد
اگر اہل دلی آمادہ شو صائب ملامت را

(هي ميويدار وڻ تي هر طرف کان پٿر اڇلايا ويندا آهن،
اي صائب! جيڪڏهن تون اهل دل آهين تہ ملامت تي هري وڃ.)

مان هنن کي ڪيئن سمجهايان تہ ماديت جي فلسفي ۾ اعتبار انسان ذات ۾ برابريءَ جي نفي آهي. مون اٽليءَ جي هڪ ڪرسچن سوشلسٽ پارٽيءَ جي مئني فيسٽو جي پهرين سٽ پڙهي، اها هئي:

Man is born in the image of the divine. (انسان پرتو الاهي آهي.)

اهوئي فلسفو آهي، جو صحيح جمهوريت جو بنياد آهي، ڇوتہ هڪ

پرتوِ الاهي، ٻئي پرتوِ الاهيءَ کان برتر نہ ٿو ٿي سگهي ۽ ان جي استحصال لاءِ ڪوئي بہ جواز نہ ٿو رهي. باقي جي انسان، انسان کي مادو سمجهن ٿا ۽ چون ٿا تہ هن کي روح نہ آهي، انهن کي پنهنجي مقصد لاءِ استحصال تي عار ڇو ٿئي؟ ان لاءِ مون کي ڪوبہ سبب نظر نہ ٿو اچي. مون کي جواهر وجديءَ جو هڪ فارسي شعر ياد اچي رهيو آهي:

ازدلم اندیشۂ آں لعل آتش گوں گذشتہ
گویا از دریائے آتش زور قی پر خون گذشت

(دل مان هن باهہ جهڙي لعل جو خيال نڪري ويو.
ڄڻ باهہ جي درياهہ مان ڪائي خون سان رڱيل ٻيڙي هلي وئي.)

مون کي پنهنجي نئين نسل جي بي سمجهي ۽ بيقدري ڏسي، ڀٽائيءَ جو هڪ بيت ٿو ياد اچي:

آڏ تـراچـا آهــڙا، ڏونــــگر ۾ ڏارون،
هيئون هيرڻ پن جيئن، ڦُتي تيو ڦارون،
ڪنهن کي ڏيکاريون، ڪونهي سوداگر سُور جو.

ڪالهہ ڊاڪٽر مهڪريءَ جي ڳالهہ نڪتي، جو منهنجو بزرگ دوست هو جنهن جي مون اڳ پنهنجي ڪتاب 'جڳ مڙيوئي سپنو' ۾ تعريف بہ ڪئي هئي. اڄ ستار پيرزادو هن جو ڪتاب "مهڪريءَ جا مضمون" کڻي آيو آهي، جيڪو محمد ابراهيم جويي ترجمو ڪري ڇپرايو آهي. مون ڪتاب کوليو آهي تہ ڏٺو هڪ مضمون آهي: "ڇا ڪتولي جو موت نہ ڪپي!" ان ۾ ميسور جي جنگ ۾ ٽيپو سلطان جي موت، سقراط جو خوشيءَ سان زهر پي مرڻ، مسيح جو مصلوب ٿيڻ، منصور حلاج جو پنهنجي ڦاسيءَ جي رسيءَ کي چمي ڏئي مرڻ، صوفي سرمد جي سر جو ڪپجڻ، قراة العين طاهره جو جلاد جي هٿان موت، سيزر جو بروٽس جي خنجر سان موت. انهن سڀني موتن کي ساراهي ڇيو اٿس تہ: "اهي جڳان جڳ جيئرا آهن ۽ پنهنجي ذاتي معجزي سان هنن پاڻ کي ڪتولي جي عام ۽ حقير موت کان بچائي ورتو."

حضرت عيسيٰ تہ خدا جو پيغمبر هو ۽ هن جي شهادت مشيت ايزيءَ جو حصو هئي، پر ڇا هر ماڻهوءَ جو ڪتولي تي موت حقير ۽ عام موت آهي؟

مون کي اهو مضمون پڙهي مرڪ آئي هئي. مهڪري تہ پاڻ 84 ورهين جي عمر ۾ بستري تي مئو ۽ هن تي پيرا پنهنجي ٻانهن ۾ مشين وجهائي هئي، جنهن تي هن جي دل ڏڪ ڏڪ ڪندي هئي ۽ سندس مترجم جويو صاحب بہ اسي ورهين کان مٿي تي چڪو آهي، منهنجي دعا آهي تہ قدرت کيس ڪنهن اتفاقي موت کان محفوظ رکي ۽ هو بہ پنهنجو نتيجہ خير ڪم ڪندو بستري تي وفات پائي.

پر ڇا مائيڪل اينجلو سستين چئپل (Sistine Chapel) تي ڏينهن رات محنت ڪري غلطي ڪئي؟ ڇا بهتر ٿئي ها، جي هو ان دؤر جي ڪنهن مقامي جنگ ۾ ماريو وڃي ها! هو 1664ع ۾ ڄائو هو ۽ 1775ع ۾ گذاري ويو. جي هو ايترو نہ جيئي ها تہ تخليق آدم جهڙي شاهڪار تصوير ڪيئي سگهي ها؟ ڪالي داس 375ع کان 455ع تائين زندگي ماڻي ۽ چندر گپت جي دؤر ۾ 'وڪرم اروشي'، 'ميگهہ دوت' ۽ 'شڪنتلا' جهڙا شاهڪار لکيائين. جي هو اڳ ۾ مري وڃي ها تہ دنيا عظيم ناٽڪن کان محروم رهجي وڃي ها.

شيڪسپيئر 1564ع تي ڄائو هو ۽ 1616ع ۾ وفات ڪيائين ۽ ايلزبيٿ اعظم جي دؤر کي سرسبز ڪري ويو.

سعديءَ لاءِ چون ٿا تہ هن سؤ سالن کان وڌيڪ زندگي ماڻي ۽ بهترين غزل ۽ 'بوستان' ۽ 'گلستان' جهڙا شاهڪار مڪمل ڪري ورتائين.

امير خسروءَ جي دؤر ۾ اٺ جنگيون ٿيون هيون، جيڪڏهن هو هر جنگ ۾ بچي نہ وڃي ها تہ اهي غزل ۽ بي مثال 'ڪهہ مڪرنيون' ڪير لکي ها؟ ۽ سازن ۾ ستار ۽ موسيقيءَ ۾ خيال ڪير ايجاد ڪري ها؟

اطالوي شاعر ليوپارڊي 1798ع کان 1837ع تائين جيئرو هو ۽ روس جو رومانوي شاعر لرمنتوف ويڙهہ (Duel) ۾ ماريو ويو. هو ڪم عمريءَ ۾ وفات سبب ايترو تخليق ڪري نہ سگهيا، جيتري هنن ۾ صلاحيت هئي.

ليونارڊو ڊوانچي، دنيا جي عظيم شاهڪارن 'رات جي پوئين ماني' (Last Supper) ۽ 'مونا ليزا' جو خالق 1452ع ۾ ڄائو هو ۽ 1519ع ۾ گذاري ويو. هو جي ايجا وڌيڪ جيئي ها تہ دنيا کي ٻيو بہ امر آرٽ ڏئي سگهي ها.

عظيم مصور وان گوگ 1853ع ۾ ڄائو هو ۽ 1890ع ۾ جوانيءَ ۾ پاڻ کي گولي هڻي ماريو هئائين. هن جي موت سان دنيا ڪيترين تصويرن کان

ڪٿي نہ پهچبو تہ مسافر محروم ٿي ويئي؟

ڀٽائيءَ کي جي طويل عمري ملي ها تہ وڌيڪ سُر ڏئي سگهي ها. جي دودي ۽ دريا خان سان گڏ دفنايا نہ وڃن ها. تاريخ ۾ اهڙا هزارين مثال آهن، جي ثابت ڪن ٿا تہ شاعر ۽ اديب جي مَسُ، ڪنهن وقت شهيد جي خون کان وڌيڪ اهم هوندي آهي. هن کي ساري زندگي صليب ڪلهن تي کڻڻي پوي ٿي ۽ ڪيئي بروٽس ڪيس پٺيءَ ۾ ڇرو هڻن ٿا. خود مهڪريءَ جا ڏنل مثال ڏسو: قراة العين طاهره ۽ سرمد تي موت مسلط ڪيو ويو هو. سقراط زهر نہ پيئي ها ۽ جلاوطني قبولي ها تہ فلسفي کي وڌيڪ گهرائي ڏئي سگهي ها.

مهڪريءَ جو ڏنل ٽيپو سلطان جو مثال ذرا مختلف آهي. هو آزاديءَ جي جنگ ۾ ايترو وچڙي ويو هو جو هن جي پٽ تي موت جو سوال ئي نہ ٿي اٿيو. انگريزن جي گهيراوَ ۾ بهادريءَ سان وڙهندي ماريو ويو پر جي هو تانتيا ٽوپي، جهانسيءَ جي راڻي ۽ نانا صاحب وانگر هڪ هنڌان هٽي هنڌ پهچي سگهي ها تہ انگريزن سان گوريلا جنگ وڙهندي، هنن کي وڌيڪ ٽوٽا چٻائي سگهي ها. شهادت يا طويل عمري خدا جي ڏين آهي. انسان اها سجائي ڪري تہ هو شهيد کان وڌيڪ دنيا کي ڏئي ٿو سگهي.

ڪن سياستدانن جون جڏهن ڪانيون ڪپي وڃن ٿيون، تڏهن هُو ڏونهين دکندي رکڻ لاءِ نوجوانن جا هڏا ان ۾ ڪانيون ڪري وجهن ٿا، ان ڪري سندن شهادت جي اهميت جتائين ٿا.

ڪنهن بہ ترقي پسند کان موت لاءِ پڇبو تہ چوندو تہ موت بري ڳالهہ آهي. پوءِ بہ هو ڪيترن نوجوانن کي انقلاب جي مچ کي مچائڻ لاءِ استعمال ڪري ٿو. مون وٽ چين جي انهن شاعرن تي هڪ ڪتاب آهي، جي هڪ اڌ نظم لکي چانگ ڪائي شيڪ جي گوليءَ سان اڏايا ويا ها.

ڪيئن چئجي تہ اهي زندهہ رهن ها تہ انهن مان ڪوئي لائوزو ۽ ڪنفيوشس کان بہ وڏو مفڪر پيدا ٿئي ها. غالب، بهادر شاهہ ظفر سان گڏ 1857ع واري بلوي ۾ مري پوي ها تہ فرق رڳو اهو پوي ها تہ اسان غالب جي ديوان کان محروم ٿي وڃون ها. شاهہ لطيف ڀٽائي، نادر شاهہ درانيءَ جي خلاف تلوار کڻي ها تہ ڪهڙا ڦاڙها ماري ها؟ رڳو سنڌ کي زندهہ جاويد ڪرڻ وارو رسالو تخليق نہ ٿئي ها.

ادب ۽ آرٽ، سياست جو هٿ ڪنڊو نہ آهي. دراصل ويهين صديءَ ۾

ادب ۽ آرٽ جي ٿيوريءَ سان راڳا ڪيا ويا آهن. ڇا شاعر جو اهو ڪم نہ آهي تہ هُو پڙهندڙ کي ڌرتيءَ جي ساري دک مان ڪجهہ وقت لاءِ نجات ڏياري؟ ’آرٽ، آرٽ جي لاءِ‘ واري نظرئي ۾ ڪائي رجعت پرستي نہ آهي. آخر معاشي ۽ اقتصادي انقلاب جو مقصد ڇا آهي؟ اهو ئي تہ انسان جا معاشي ۽ اقتصادي مسئلا حل ڪري، هن کي تخليقي سرگرمين لاءِ فرصت مهيا ڪري ڏني وڃي. ان لاءِ پلي انقلابي ۽ سياستدان جاکوڙين. پنهنجا نظريا آرٽسٽ جي نڪ ۾ ناڪيلي نہ ڪن تہ بهتر ٿيندو. آرٽ ابدي آهي، سياست عارضي آهي. چار تقريرون ۽ آخر ۾ ايتري خاموشي، جو ماڻهو سچ بہ چئي نہ سگهي! آرٽ ۾ ابدي سچ آهي، جنهن کي وقت پائمال ڪري نہ ٿو سگهي.

مون کي پنهنجي بزرگ دوست مهڪريءَ سان بيحد پيار هو. مان جڏهن وائيس چانسلر هوس تہ اسان منجهند جي ماني اڪثر گڏ کائيندا هئاسين. هن جي ظرافت نهايت سنجيده ۽ زندگيءَ جو دور رس نقطہ نظر بي مثال هو پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ مون کي هن سان اختلاف جو حق نہ آهي. رات جو جيڪي شب گرد مون سان گڏ ڦرندا آهن، انهن ۾ ڊاڪٽر مهڪري بہ هوندو آهي.

وري موٽي ٿو اچان پنهنجي اصل موضوع آرٽ جي تخليق تي. آرٽ کان سواءِ ٻي هر تخليق آرٽسٽ لاءِ بي معنيٰ آهي. پال گوگين جي ڏکڻ سمنڊ جي هڪ ٻيٽ تي پالينيزين (Polynesian) عورتن جون ننگيون تصويرون ڪيندي، هڪ پالينيزين عورت سان محبت ٿي وئي ۽ ان مان هن کي هڪ پٽ ڄائو. پال گوگين جي موت کان اٽڪل اڌ صدي پوءِ هڪ لائيف مئگزين جي فوٽو گرافر انهيءَ سرزمين جي ۽ ان تي رهندڙ خوبصورت عورتن جي فوٽوگرافي ڪرڻ ويو جن گوگين جي مصوريءَ کي اتساهيو هو. هن پال گوگين جي پٽ کي ڳولي لڌو. هو نِڪر پائي ڪناري تي مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪُنڍي وجهي ويٺو هو. هن جو پيٽ وڏو ۽ ٻي ڊولو تي لڳو. مٿو گنجو ٿي ويو هوس ۽ منهن ۾ گهنج پئجي ويا هئس. هن جو منهن پاروٿي گدري جهڙو ٿي لڳو. هن جون ٻانهون ۽ ٽنگون ڦلهڙيون ۽ اڌ سڪل ڪمند جي ڇڙين وانگر ٿي لڳيون. هُو ڪُنڍي وجهي آسري ۾ ويٺو هو تہ مڇي ڪڏهن ٿي ڦاسي.

مون هن جو لائيف رسالي ۾ فوٽو ڏسي ٿهڪ ڏنو. ڇا ڇيڪو مصور

نهايت خوبصورت تصويرون ڪڍي ٿي سگهيو اهو تصور بہ ڪري ٿي سگهيو تہ ازلي مصور هن سان اهڙو مذاق ڪندو؟

زرينا، رمضان جي برڪتن جو مهينو آهي. تون پلي درود شريف پڙهہ ۽ دعا ۾ مون کي شامل رکج. جيئن مان اهو سڀ ڪجهہ لکي پورو ڪريان. جو مان لکڻ چاهيان ٿو ۽ جيئن ڪنير جي نهائينءَ وانگر ڪوئي ڪچو گهڙو نہ نڪري، جو سهڻيءَ کي سير ۾ ٻوڙي ماري.

انگريزي شاعر ڊريٽن (Drayton)، جرمن شاعر مارلو(Marlowe) تي هڪ شعر لکيو هو:

For that fine madness still he did retain
Which rightly should possess a poet's brain.

(هن ۾ اڃا تائين اها عمدي ديوانگي هئي،
جا ڪنهن شاعر جي دماغ تي حاوي هئڻ گهرجي.)

ساڳيءَ ڳالهہ جو جرمن شاعر شلر (Schiller) ذڪر ڪري ٿو جڏهن هو چوي ٿو تہ: "تخليق ڪارن ۾ عارضي ۽ ٿوري وقت لاءِ ديوانگي ٿيندي آهي." ڇا اها ديوانگيءَ جي ڪيفيت مون کان لڪائي رهي آهي؟ ننڍ مان وري وري جاڳائي رهي آهي؟ مون کي پٺائيءَ جون ڪجهہ سٽون ياد ٿيون اچن:

ڪُنُ تي ڪيچين ڪچيو ڪُڇ نہ ڪچيائون،
رهي نہ رتيءَ جيتري، انهن وٽ آئون،
وڍي وڏائون، هو جو وڻ هئڻ جو.
ڪُن تي، ڪيچين ڪچيو ڪڇ نہ تا ڪچن،
پاڙان پوءِ وڍن، هُو جو وڻ هئڻ جو.

منهنجي ذهن ۾ ڪيئي تخليق ڪار ايري اچن ٿا ۽ ڪنهن وقت منهنجي رهنمائي ڪن ٿا. جيئن ٽي. ايس. ايليٽ جو وليم بليڪ ۽ ڊانٽي جي جهنم ۽ بودليئر جي زندگيءَ جي 'پالهي پٽي' جو تصور، هن جي هيئين سٽن ۾ ايري اچي ٿو. جڏهن هو لنڊن جي باري لکي ٿو:

"غير حقيقي شهر
سياري جي ناسي باک جي ڪوهيڙي ۾

هڪ هجوم لنڊن پُل تان وڃي رهيو هو ايترا ماڻهو
مون نہ ڄاتو هو تہ موت ايترن کي مات ڪري چڪو آهي.“

اها ساڳي اثر جي ڳالھ آهي، جيئن ميين شاھ عنات ۽ لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ جو ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي اثر آهي، ڇو تہ ان ۾ ميين عنات ۽ لطف الله قادريءَ جون ڪيئي سٽون اچي ويون آهن ۽ انهن ۾ ڪٿي ڪٿي ٿوري ڦير گهير ٿيل آهي. ٽي. ايس. ايليٽ ۾ شاعر جي تحت الشعور جو اظهار آهي، جنهن ۾ هن جو مطالعو ائين لڪي ٿو وڃي، جيئن ڪوهيڙي ۾ ٿيمس ندي ڍڪجي ويندي آهي. آرٽسٽ تي ڪنهن وقت جنون جي ڪيفيت ڇائنجي ويندي آهي ۽ هن جون ساريون صلاحيتون غير شعوري طور ابري اينديون آهن. جڏهن روسي رقاص نجنسڪي لنڊن ۾ اسٽيج تي رقص ڪندو هو تڏهن لڳندو هو تہ پردا ائين ڦاٽي پوندا، جيئن تانسين جي ڳائڻ سان ڏيئا ٻري پوندا ها. ان وقت نجنسڪيءَ جي پراسرار ڪيفيت کي ڪجھ هيٺ لاهڻو پوندو هو. برنارڊشا تاريڪيءَ جي انهن گهراين ۾ ڏسي نہ سگهيو هو جڏهن هن چيو تہ: ”نظم، نثر کان آسان آهي.“ ۽ شيڪسپيئر جي خلاف تيز وتند لفظ ڪم آندا هئائين تہ هو شاعريءَ جي ڪيفيت کي سمجهي نہ سگهيو آهي. هن لاءِ شاعر جي حيثيت ۾ ڪجھ تحسين جي اظهار کان پوءِ چيو هئائين تہ: ”هو ڊراما نويس ۽ مفڪر جي حيثيت ۾ ڪافي ڪمزور آهي.“ هن اهو نہ ڄاتو هو تہ ڊراما ۽ تفڪر هن جي شاعريءَ ۾ ڇُپيل آهن، جو مئڪبيٿ، هئمليٽ، قلو پطره جهڙا ڪردار هن جي آواز تاجي پيٺي ۽ شاعريءَ جي ترنم مان ظاهر ٿين ٿا ۽ ان ۾ هڪ سمفني (Symphony) جي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ متضاد موضوع، هڪٻئي ۾ رلمل ٿي ويا آهن.

جي مٿين ڳالھ ڌيان ۾ رکبي تہ منهنجون ٽي آپيرائون 'دودي سومري جو موت'، 'رني ڪوٽ جا ڌاڙيل' ۽ 'ڀڳت سنگھ کي ڦاسي' آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي ويندا.

مون اهي لفظ لکيا ئي تہ پير محمد ڪيلاش، اردوءَ جي هڪ نوجوان*

* پير محمّد پروانو جيڪو ڪيلاش تخلصّ سان ڪنهن وقت شاعري ڪنود هو. ڪڙي عطا محمد شڪارپور جو رهاڪو PTV جو پروڊيوسر، هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. (ت.ب)

**ڪٿي نہ پڄبو تَڪُ مسافر**

شاعره ثروت ظفر کي وٺي آيو. ڇو تہ ڪجھ ڏينهن اڳي هوءَ مون کي ڪجھ نظم پڙهائي وئي هئي، جي مون کي پسند آيا ها ۽ نوجوان نسل جي اردو شاعريءَ جي نموني طور هن ڪتاب ۾ داخل ڪرڻ ٿو چاهيان. اهي ڪجھ هن طرح آهن:

اپنی حالت پر بہت تشویش ہے
کہ اب ہوائیں
حاملہ ہیں
میری کانوں میں ان کے درد کی آواز
گونجیں دے رہی ہیں
وہ میرے در پہ دستک دے رہی ہیں
انہیں میری ضرورت ہے
مگر خاموش ہوں میں

اور میرے شہر کے سارے مسیحاؤں نے بھی
چپ سادھ رکھی ہے
مگر ہم سب اس خوف میں ہیں
اور ہمیں اب فکر ہے کہ
اس انوکھی ایک زچگی سے
ہمارے شہر کا کیا کچھ بنے گا
ہمارے شہر کو کیا کچھ ملے گا

هاڻي غالباً انهن حامله هوائن جو اسقاطِ حمل ٿيو آهي!
اجڪلھ مان تہ پنهنجي ڪمري مان ئي ٻاهر نہ ٿو نڪران ۽ گوشہء نشيني ايتري ٿي وئي آهي، جو صائب جو شعر هر هر ٿو ياد پوي:

بمن دهند اگر باغ خلد را صائب
حضور گوشہءِ دل اختیار خواہم کردم.

(اي صائب! جيڪڏهن مون کي بهشت ڏين
تڏهن بہ مان دل جي ڪنڊ ۾ رهڻ پسند ڪريان.)

مان جڏهن ڪان هي ڪتاب لکي رهيو آهيان تہ پتائيءَ جي بيت جي هڪ سٽ منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهي آهي.

”پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ.“

اهو ’پاڻ‘ ڪائنات کان وڏو آهي، جيڪڏهن ان جو صحيح شعور ٿئي ٿو تہ هن عمر جو هر پل وڏي غنيمت آهي.

دوشنبي (تاجڪستان) ۾ منهنجي دوست گل رخسار هڪ پيڙي درياءَ ۾ ويندي ڏسي، مون کي هي شعر ٻڌايو هو:

غافل مشوز عمر کہ چوں کشتیٔ بر آب
استادہ می نماید و چوں تیر می رود

(”عمر کان غافل نہ ٿيءُ جو پيڙي پريان پاڻيءَ تي،
بيٺل نظر اچي ٿي پر تير وانگر وڃي ٿي.“)

عمر جو اختصار ۽ بيءِ اعتباري منهنجي ايتري ڪثير تخليق جو ڪارڻ آهي. ڪير چاهي تہ ڪڏهن ٿي قدرت موتي سِپ ۾ بند ڪري ڇڏي! ڪيئن چئجي تہ سِتار جي تار ڪڏهن ٿي تنتي ۽ نغما بيهي وڃن ٿا. ڪيئن چئجي تہ مان ’ڪتي نہ پيجبو تڪ مسافر‘ بدران ’ڪتي بہ پيجبو تڪ مسافر‘ چئي هميشہ لاءِ ليٽي پوان! اي قلم اجا ساٿ ڏي! اي دل اجا ڌڪ ڌڪ ڪر! مون کي اجا پنهنجو اندر اوٽو آهي.

زرينا، مان ايڏي وڏي ٿپي ڏئي وري سطح تي اپري آيو آهيان. منهنجون اکيون واريءَ سان جهانوريل آهن. ڇا ڇا نہ ياد اچي رهيو آهي. ماضي، حال، مستقبل!

هي منهنجو دوست گل خان نصير آهي. بلوچي شاعر، جنهن جو بلوچي شاعريءَ جو ڪتاب ’شپ گروج‘ (رات جو وڄ جي گرج) مون کي، مون سان گڏ قيدي پسند خان، سکر جيل ۾ 1995ع ۾ پڙهي ٻڌايو هو. پسند خان جلاوطن هو ۽ بغاوت سبب ڏهہ سال يا عمر قيدجي سزا ڪاٽي رهيو هو. اها بغاوت هن ٻين بلوچي رهنمائن سان جلاوان ۾ ڪئي هئي. هڪ پيري گل خان نصير، حسن حميدي، مون، ابراهيم جويو ۽ ڊاڪٽر حسان گڏجي ’عوامي ادبي انجمن‘ جو مئني فيسٽو لکيو هو جو ”ڪتي تہ پيجبو تڪ

مسافر“ ۾ ضميمي طور ڇپيل آهي جنهن جو اردوءَ ۾ ترجمو محمد ابراهيم جويي ڪيو هو.

مئني فيسٽو جي ڊرافٽ ڪان پوءِ، پوئين رات ڪامريڊ فتح الله عثماني، سيڻي جي ماني پنهنجي گهر ’شانتي ڪنج‘ ۾ ڪئي هئي، جتي گل خان نصير، ايوب خان تي پنهنجو هڪ بلوچي نظم، اردو ترجمي سان گڏ ٻڌايو هو جنهن جي هڪ سٽ مون کي اڃا ياد آهي. ”ايوب خان! گدڙ پٽر نہ ڇپاڙي سگهندا آهن!“ انهن ڏينهن ۾ گل خان نصير منهنجي ساراهہ ۾ بہ نظم لکيو هو جو ڪنهن ميڙ ۾ پڙهيو هئائين. مون هن جي سڪر ۾ ڪيڏي نہ تواضع ڪئي هئي!

ان ڪان پوءِ ڀٽي جي دؤر ۾ مراد علي مرزا سکر ۾ منهنجي گهر آيو هو. هُو ان وقت ريڊيو پاڪستان ۾ ملازم هو ۽ هاڻي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري آهي. (تازو خبر پئي تہ هاڻي ڪيس اتان فارغ ڪيو ويو آهي) ۽ بينظير جي آتم ڪهاڻي، ’پورب ڄائي‘ جي نالي سان ترجمو ڪري چڪو آهي.

جنهن وقت مون کي ’هلال امتياز‘ ڏنو ويٺو هو تنهن وقت هن کي ’حسن ڪارڪردگي‘ لاءِ تمغو ڏنو ويو هو. مراد علي مرزا چيو تہ: ”حفيظ پيرزادي، پاڪستان جي وزير قانون، کيس ٽيلي فون تي چيو آهي تہ آءٌ 14 آگسٽ تي ريڊيو تي سنڌ جي نمائندگي ڪريان ۽ پنهنجو ڪوئي شعر پڙهان.“ مون هن کي مجبوري ڏيکاري ۽ چيو تہ: ”مون کي هاڻي وئڪيشن آهي ۽ مان پنهنجي ٻارن سان پهرين تاريخ تي هڪ مهيني لاءِ ڪوئيٽا وڃي رهيو آهيان، تنهنجي ڪري 14 آگسٽ تي حيدرآباد اچي نہ سگهندس.“

هو ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ وري آيو ۽ چيائين: ”ڀٽي صاحب جو حڪم آهي تہ اوهان کي ڪوئيٽا ۾ ٽيپ ڪيو وڃي.“

مان ڪوئيٽا ۾ بلديا هائوس ۾ رهيل هوس، جتي مون وٽ منهنجو جونيئر نبي بخش کوسو آيو. جيڪو هاڻي فيڊرل گورنمينٽ ۾ جوائنٽ سيڪريٽري آهي. مون کي چيائين: ڪوئيٽا پنهنجو شهر آهي. هتي بلوچي حڪومت آهي. گل خان نصير وزير آهي، بزنجو گورنر آهي ۽ عطاءَ الله مينگل وزير اعليٰ آهي.“

مون چيو: ”مون کي ٻارن سان زيارت وڃڻو آهي، جي ڪنهن سرڪاري يا ٽوئرسٽ گاڏيءَ جو بندوبست ٿي پوي تہ ڏاڍو چڱو.“

نبي بخش چيو تہ: ”هل تہ گل خان سان ملي بہ اچون ۽ هن سان گاڏيءَ لاءِ ڳالهہ بہ ڪريون. مون گل خان کي سندس آفيس ۾ پنهنجو ڪارڊ ڏياري موڪليو تہ هن چوائي موڪليو تہ: ”اوهان ڪٿي ٽا رهو پنهنجو پتو ٻڌايو تہ مان اتي ٿو اچان.“ مون ڪيس بلديا هائوس ۾ پنهنجو ڪمرو نمبر لکي موڪليو. ٻارنهن ڏينهن گذري ويا تہ هو نہ آيو ۽ نہ فون ڪيائين. 14 آگسٽ تي شعر رڪارڊ ڪرائڻ ويس تہ ڏٺم تہ وزيٽرس روم ۾ گل خان نصير ويٺو آهي. هن جي چوڌاري نيم خوانده بلوچي ويٺا آهن. هن مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو تہ مون کيس ميار ڏني: ”ياءُ، تون واعدي مطابق بلديا هائوس ۾ آئين تہ ڪونہ؟“

”مان ڇو اچان؟ تون مون سان ايترا مهينا مليو بہ ناهين؟“ گل خان جواب ڏنو.

مون جواب ڏنو: ”مان اٺ مهينا جيل ۾ هوس، توکي يحيٰ خان جيل ۾ نہ وڌو هو. توکي مون وٽ منهنجي آزاديءَ کان پوءِ اچڻ گهربو هو.“

هن پنهنجي چوڌاري حواري ڏسي منهن گهنجايو تہ مون گل خان کي چيو: ”مان هيٺ شعر پڙهان ٿو توکي جڏهن وٽي تہ اچجانءِ. مان گل خان نصير سان ملڻ آيو هوس، گل خان وزير کي نہ سڃاڻان!“

مون کان ٿوري دير پوءِ گل خان نصير بہ پنهنجو شعر رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ هيٺ آيو ۽ مون کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، مون هن کي چيو تہ: ”دل اهو شيشو آهي، جو اهو هڪ ڀيرو ٽٽو تہ وري نہ ڳنڍبو آهي.“

بزنجي جي باري ۾ بہ ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘ جي پيش لفظ طور ڏنل ڊائريءَ ۾ ذڪر ڪيو هوم. باقي عطاءُ الله مينگل سان مان نہ مليو آهيان.

فيض احمد فيض، جو بہ اتي ڪنهن سرڪاري ريسٽ هائوس ۾ رهيو پيو هو ۽ جنهن جي گل خان ڏاڍي اڳ پوءِ وٽي رهيو هو منهنجي دل جوئيءَ لاءِ ڪار ڪاهي آيو ۽ مون کي ايئرپورٽ تائين وٺي هليو هو جتان هُو هوائي جهاز ۾ هليو ويو. مان هوٽل تي موٽي آيس. مان سادي نوين وڳي رات جي ماني ٻارن سان گڏ کائي ويٺس تہ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. انيس در کوليو تہ پيلو ٿي ويو. هڪ اڇيري ڏاڙهيءَ سان غير واقف شخص منهنجي ڪمري ۾ هليو آيو. هن جيئن در کوليو تيئن منهنجي نظر ڇهہ فوٽ ڊگهن مڙسن تي پئي، جن کي رائفلون هٿن ۾ هيون. هنن مان اڳيان ايندڙ شخص پنهنجو تعارف

ڪرائيندي چيو تہ: ”مان شيرو مري المعروف جنرل شيروف آهيان. مان سياٽي انگلنڊ ٿو وڃان، جتان مون کي فلسطين جي شدت پسند رهنما جارج حباش سان ملڻو آهي. جنهن کان جدوجهد لاءِ هٿيار وٺڻا آهن.“ هن وڌيڪ چيو تہ: ”مان توکان بروچ قوم طرفان معافي وٺڻ آيو آهيان. گل خان اصل بروچ نہ آهي، بروهي آهي.“

مون هن کي چيو تہ : ” چانهہ پيئندؤ!“

هن جواب ڏنو تہ ”مان بيئر پيئندس، سو بہ اڌ ڊزن بوتلون.“ مون کيس چيو تہ: ” ساڍا نوَ ٿيا آهن، گهٽا تہ سڀ بند ٿي ويا هوندا.“

جنرل شيروف چيو تہ : ” ڪنهن کي مجال آهي، جو جنرل شيروف جا ڪمانڊو وڃن ۽ ڪلال گهٽا نہ کولن.“

مون بہ سؤ رپيا پنهنجي پٽ انيس کي ڏئي چيو تہ: ”هن جي ڪمانڊوز سان گڏجي وڃ ۽ جي هُو ڪوئي گهٽو کولائي سگهن تہ اڌ ڊزن بيئر جون بوتلون وٺي اچ.“

”زرينا توکي ياد هوندو تہ انيس اڌ ڪلاڪ ۾ بوتلون وٺي آيو.“

مون جنرل شيروف کي چيو تہ: ”مون ماني کاڌي آهي، ان ڪري بيئر پي نہ سگهندس.“

هُو بيئر جون بوتلون ڳٽ ڳٽ ڪري پي، جڏهن سُرور ۾ آيو تڏهن هن وري چيو تہ: ”مان سياٽي انگلنڊ ٿو وڃان، جتان جارج حبش وٽ ويندس. مون ڪوئيٽا ۾ ٽريننگ سينٽر کوليو آهي، اوهان وٽ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ گلين جي جنگ (Street Warfare) آسان آهي. اسان واري جابلو جنگ (Mountain Warfare) ڏکي آهي. اسان کي پيٽرول جو ڊپو وٺڻ لاءِ جبلن مان پنهنجي لڪايل جاين (Hideouts) تان ويهہ ميل پنڌ ڪرڻو ٿو پوي. مان سياٽي جارج حبش وٽ ٿو وڃان.“ هن هڪ ڪمانڊو کان هڪ چاقو وٺي مون کي تحفي طور ڏنو. باقي ٽي بيئر جون بوتلون پنهنجي ڪمانڊو جوانن کي کڻي هلڻ لاءِ چيائين. مون کان موڪلائي چيائين تہ: ”سياٽي سويري مون کي هوائي جهاز ۾ انگلنڊ وڃڻو آهي.“

بلوچيءَ جي هڪ ٻئي شاعر محمد حسين عنقا سان منهنجي ملاقات ڊپٽي ڪمشنر مستونگ جي آفيس ۾ ٿي، جتي مون تفريح لاءِ ڪوئي ڪيس کنيو هو. عنقا سان خان آف قلات جو پٽ بہ ساڻ هو. هنن بروچڪيءَ

مهمانداريءَ پٺاندر مون کي هوٽل ۾ ماني کارائي.

خان قلات جو پٽ ڪافي بافضيلت نوجوان هو. مون، هن ۽ محمد حسين عنقا کان حال احوال ورتا ۽ ڪجھ عنقا جا بلوچي شعر ٻڌا، جي هن مون کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌايا تہ مون کي هُن ۽ عبدالڪريم گدائيءَ ۾ ڪوئي فرق نظر نہ آيو.

پشتو جو شاعر اجمل خٽڪ مون وٽ حيدرآباد ۾ اوريئنٽ هوٽل جي ڪمري ۾ ملڻ آيو. چيائين: "تنهنجي اچڻ جي خبر پئي. دل ۾ آيو تہ توسان ملاقات ڪري وڃان."

ڳالهين ڪندي هن ٻڌايو تہ: "پٺاڻن کي جيڪڏهن ڪا شيءِ ڏاڍي وڻندي آهي تہ هو چوندا آهن تہ دُنبي جي گوشت جهڙي آهي. مون کي تنهنجي شاعري بہ دنبي جي گوشت وانگر وڻندي آهي." مون کي تشبيھ ڏاڍي اڳري لڳي. هن ۽ حبيب جالب بہ مون تي نظم لکيا ها ۽ عام ميڙ ۾ پڙهيا هئائون. هو پنهنجين پنهنجين ٻولين جا شعلا نوا شاعر سمجهيا ويندا ها.

جڏهن ڀٽي صاحب جي ڏينهن ۾ راولپنڊي/ اسلام آباد ۾ ولي خان جي نئشنل عوامي پارٽيءَ جي جلسي تي گوليون هلايون ويون، تڏهن اجمل خٽڪ بددل ٿي افغانستان ڀڄي ويو هو ۽ تڏهن موٽي آيو هو جڏهن افغانستان ۾ روسي انقلاب ناڪامياب ٿيو هو. هاڻي هو پاڪستان ۾ نئشنل اسيمبليءَ جو ميمبر آهي ۽ هيو پيرو ڪراچيءَ جي سرڪرده پٺاڻن سان گڏجي منهنجي فلئٽ تي مون کان طبع پرسي ڪرڻ واسطي آيو هو. هن جي شاعري سياست جي پيٽ چڙهي وئي.

حبيب جالب کي مون لاءِ سڪ هئي ۽ جڏهن مون کي 'هلال امتياز' ٿي مليو تہ حبيب جالب جي بيوھ کي مرحوم حبيب جالب پاران 'هلال امتياز' ڏنو ويو هو. هن جي حالت قابل رحم هئي ۽ هن کي چپن تي هلڪو بڳ هو. جڏهن هوءَ مون سان ملي تہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها ها، جي ڏسي منهنجي اکين ۾ بہ ڳوڙها ڀرجي آيا ها.

فيض احمد فيض کان پوءِ پنجاب جو ٻيو اردو شاعر احمد نديم قاسمي، ڪيئي سال اڳ مون سان سکر ۾ ڪجھ وقت گڏ هو جڏهن هو سکر رائيٽرس گلڊ جي گڏجاڻيءَ تي آيو هو جنهن جو آءٌ اُن وقت صدر هوندو هوس. سکر ۾ ٽانگن، موٽرن، وئگنن، گڏھ گاڏين جي ٽرئفڪ ايتري بي ترتيب

هئي ۽ رستي جي پاسن کان ايترو ڪن ڪچرو پيو هو جو احمد نديم قاسميءَ مون کان پڇيو تہ: ”شهر جي هيءَ حالت صوبائيت جي ڪري ٿي آهي؟“

مون ڪيس جواب ڏنو تہ: ”نہ، صوبائيت جي گهٽتائيءَ جي ڪري ٿي آهي.“ ممڪن آهي تہ اسان ٻئي صحيح هياسين. پر پنجابيءَ جو شاعر نجم الحسن سيد جو مون سان منهنجي دوست احمد سليم لاهور ۾ ملايو هو اهو ڪافي متاثر ڪندڙ شخصيت هو ۽ هو پنجابيءَ کي پنجاب جي قومي زبان سمجهي رهيو هو ۽ اردوءَ جي اهميت کان انڪار ٿي ڪيائين. هن مون کي پنجابي زبان ۾ پنهنجا ڪجهہ ڪتاب ڏنا ها ۽ منهنجو ٿورو مڃيو هو تہ مون پنهنجي ڪتاب ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘ ۾ پنجابي زبان جي حمايت ڪئي هئي.

بينگال جا چوٽيءَ جا شاعر جسيم الدين ۽ ڪوي غلام مصطفي‘ ها، جي مون سان گڏ رائيٽرس گلڊ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر ها، اُهي مون کي معمولي شاعر لڳا ها. ڪوي غلام مصطفي‘ تہ سڪر بہ آيو هو تہ، پنهنجو هڪ بنگالي نظم پڙهي چيو هئائين: ”هي نظم مون ’فعولن فعولن فعولن فعولن‘ جي وزن تي چيو آهي. جيئن ’ڪريما بہ بخشاي برحال ما‘ آهي.“ ڪوي جسيم الدين جنهن جو ترجمو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ڇپايو هو جنهن جي هڪ ڪاپي هُن مون کي تحفي طور ڏني هئي، مون کي ٽئگور جي پيٽ ۾ ائين لڳو هو جيئن شاهہ لطيف جي پيٽ ۾ خوش خير محمد لڳو. باقي رائيٽرس گلڊ ۾ جيڪي شاعر ۽ اديب مون سان مرڪزي ڪميٽيءَ تي ها، انهن جو ذڪر پوءِ ڪندس، جڏهن رائيٽرس گلڊ جي باري ۾ لکيم.

زرينا، مان ڪڏهن اُيي کان لمي ۽ ڪڏهن لمي کان ايي ٿو وڃي نڪران. مون کي جهل، تہ پهرين توسان گڏ ڪيل سفر پورا ڪري وٺان. منهنجي ٻاهرئين سفر کان منهنجي اندرئين سفر جو افسانو طويل تر آهي. مون ڳالهہ پئي ڪئي ڪوئيٽا جي بلديا هائوس جي، جنهن ۾ هڪ ڏينهن شام جو مان هيٺ ٽهلي رهيو هوس تہ مون کي خان بهادر محمد ايوب کهڙو مليو. هن مون ڏانهن غور سان ڏسي چيو: ”تون اياز آهين؟ جنهن جي.ايم.سيد وٽ اڌ ڪلاڪ کان مٿي ’دودي جو موت‘ آپيرا پڙهيو هو.“

مون جواب ڏنس: ”خان بهادر مان ئي اياز آهيان. جنهن ’سهندو ڪير

ميار او يار، سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو.' واري وائي لکي آهي." خان بهادر جي چپن تي ڪائي تلخ يادگيري آئي، جا اظهار پائي نہ سگهي.

ٻئي ڏينهن تي نبي بخش کوسو ٽوئرسٽ بيورو مان زيارت ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ ڪرائي جي وئن ڪرائي ورتي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي پٽ ڪنعيئي سان گڏ اسان واري وئن ۾ زيارت هليو. سوڀو ڪنعيي کي ڪوئيٽا ۾ ڇڏي، عطاءُ الله مينگل سان گڏ هوائي جهاز ۾ اسلام آباد ويو هو. جتي هن پيءُ صاحب کي چوائڻ ٿي چاهيو تہ هن تي جو لاڙڪاڻي جي. ايس. پي محمد پڇيل ٻي بنياد ڪيس ڪيو آهي، ان لاءِ هن کي هدايت ڪئي وڃي تہ اهو ڪيسُ ڪورٽ مان موٽائي وٺي.

اسان ڪجهہ ڏينهن زيارت ۾ رهياسين. رستي تي خوبصورت جونيپر جا وڻ ها، جي سج لٿي مهل ائين ٿي لڳا، ڄڻ شفق جو منظر ڏسي ڏرتيءَ جا وار اڀا ٿي ويا هجن.

زيارت تي اهو نالو ڪنهن فقير جي مقبري جي ڪري پيو هو. هونءَ تہ سنڌ سوڌو پاڪستان مقبرا ئي مقبرا آهن، جتي مئلن کي جيئرن کان وڌيڪ جاءِ آهي، پر اهي مقبرا ڏاڍا خوفائتا آهن، جي انسانن جي اندر ۾ آهن. چيو ٿي ويو تہ انهيءَ مقبري جي چوڌاري ڪنهن ڪنهن وقت ڀوت ڦرندا ها. ان جي زيارت ڪري اسان گورنر جي ريسٽ هائوس ۾ وياسون، جنهن ۾ هڪ نهايت خوبصورت باغيچو هو. انهيءَ ريسٽ هائوس ۾ قائداعظم محمد جناح، پاڪستان جي بانيءَ پنهنجي حياتيءَ جا پويان ڏينهن گذاريا ها. ڪنهن مصنف چواڻي، جڏهن هن کي بيهوشيءَ جي حالت ۾ هوائي جهاز رستي ڪراچيءَ آندو ويو هو تڏهن هن سان فقط هڪ نرس ساڻ هئي، جا ڪپڙي سان هن تان مکيون هٽائي رهي هئي. مسلم ليگ جا سرڪرده ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ ها ۽ جڏهن هو هوائي اڏي ڏانهن ڪيس وٺڻ ويا ٿي تہ ان کان اڳ ئي ايمبوليس رستي تي خراب ٿي پئي هئي ۽ قائداعظم اتي ئي گذاري ويو هو.

زيارت سمنڊ جي سطح کان 8200 فوٽ مٿي هئي. اونهاري ۾ ڏينهن تہ ڏاڍو خوشگوار هوندو هو پر رات جو بہ ڪمبل پاڻا پوندا ها. اسان منا جي واديءَ ڏانهن جا زيارت کان ڏهہ ميل پري آهي، پٿرائين رستي تان وياسين، جي پهاڙن تي ڪٽا ٿي. منهنجي زندگيءَ جي راهہ ۾ جيڪي روڙا آيا آهن،

انهن ڪان اهي پٿر گهٽ ها. مان ان ڪان هڪ ڀيرو اڳ زيارت ڪان لورالائيءَ بہ ويو هوس. جيپ هڪ بلا نوش، پي ڪري هلائي رهيو هو ۽ اسان بہ چار ڀيرا پهاڙ تان هيٺ ڪِرڻ ڪان ٻِر تان بچي ويا هئاسين. مون ڪي وري وري ياد ٿو اچي تہ قدرت ڪيئن نہ مون ڪي موت جي مُنهن مان ڪنيي ورتو آهي.

هڪ ڀيري مان نٿيا گليءَ ڪان ڪوهہ مريءَ بس ۾ اچي رهيو هوس تہ بارش سبب هڪ وڏي ڇپ پهاڙ تان ڪِري اچي بس اڳيان پئي. ڊرائيور هڪ بہ فوٽ ڇپ ڪان اڳ زور سان بريڪ هڻي، بس بيهاري ورتي هئي. ان ڳالهہ جو ذڪر مون ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ‘ ۾ ڪيو آهي. انهيءَ ئي ڪتاب ۾ ان ڳالهہ جو بہ ذڪر آهي تہ ڪيئن هڪ رات جڏهن زوردار بارش پئجي رهي هئي، تڏهن مان ڪپر نانگ جي ڏنگ ڪان بچي ويو هوس، جو باٿ روم جي نلڪي ۾ ويڙهيل هو.

هڪ ٻيو واقعو بہ ياد اچي رهيو آهي. مان، محمد ابراهيم جويو ۽ غلام رباني، سونڊا جي ريسٽ هائوس ۾ رهيل هئاسين ۽ رات جي ماني ڪائي، پهاڙيءَ تي ٽهلي رهيا هئاسين تہ هڪ لنڊي منهنجي پير ڪان اڌ انچ پريان لنگهي پاڇي ۾ گم ٿي وئي. چانڊوڪي رات هئي ۽ ربانيءَ بہ اها چٽيءَ طرح ڏٺي ۽ چيائين تہ: ”هل تہ بنگلي ۾ هلون.“

لورالائيءَ ڏانهن ويندي اسان کي هڪ غار نظر آئي، جنهن مان مٺي پاڻيءَ جو چشمو وهي رهيو هو. اسان اونداهي غار مان پٿرن تي پير رکندا، جڏهن روشنيءَ ۾ پهتاسين، تڏهن ڏٺوسين تہ آبشار ائين ڪِري رهيا ها ڄڻ آسمان منهن ڌوئي رهيو هو. لورالائيءَ ڪان ديري غازي خان ڏانهن رستو وڃي رهيو هو. ٻيو رستو ژوب ڪان ديري اسماعيل خان ويندو آهي، پر اسان ان تان وڃي نہ سگهياسون. اسان جو دوست جيپ هلائي رهيو هو. اهو واري واري ان بوتل مان وسڪيءَ جو ڍُڪ پي رهيو هو. اسان کي خوف ٿيو تہ متان هي اسان کي بي موت ماري وجهي.

ٻيو زيارت جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘ ۾ ڪيو آهي. مون کي قدرت ڪيترائي ڀيرا موت جي هٿن مان جهٽي ورتو آهي. هڪ ڀيري مان جيڪب آباد جي سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي پورو ڪيو تہ ٻپهري ٿي وئي. آسمان مان اُلا ٿي نڪتا ۽ بدن پگهر ۾ شرابور ٿي ويو هو. هوا ايڏي ڪوسي ٿي لڳي، جو ڪل ٿي جرڪي ۽ اُڃ ۾

جيپ ٿوهر جي شاخ وانگر ڪنڊا ٿي وئي هئي. مون ۽ ڊرائيور هڪ هوٽل ۾ ماني کائي لسيءَ جا ٻہ گلاس پيتا. رستي تي مون کي ڳهر جي ڪري ننڊ اچي وئي. اوچتو منهنجي اک کلي تہ ڏٺم تہ ڊرائيور جي ٻہ اک لڳي وئي آهي ۽ ڪار هڪ گهري کاهيءَ ڏانهن وڃي رهي آهي. مون رڙ ڪئي تہ ڊرائيور مقرب شاهہ اوچتو جاڳيو ۽ پاڻ مرادو هن جو پير زور سان بريڪ تي لڳو ۽ ڪار کاهيءَ کان ٻہ فوٽ اڳ بيهي رهي. اهڙو ڪار جو ايڪسيڊنٽ مون کي گوا ۾ بہ پيش آيو هو جنهن جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب 'هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن' جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي.

ڇهہ ست پيرا اڳ مان دل جي دوري مان بچي ويو آهيان ۽ پوئين دل جي دوري جو ذڪر مان اڳ ئي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪري چڪو آهيان. هڪ پيرو مون پروٽين جي انجيڪشن ڪنهن دوست جي چوڻ تي هٽائي ۽ پوءِ زرينا ۽ ٻارن سان گڏ منهوڙي گهمڻ لاءِ ويس. موٽي آيس تہ مون کي وات مان ڏاڍو رت اچڻ لڳو. انيس جو ان وقت سنڌ گورنمينٽ ۾ انفارميشن آفيسر هو، يڪدم مون کي گاڏيءَ ۾ ڪٽائي جناح اسپتال آيو. ان وقت مون کي جنرل وارڊ ۾ داخل ڪيائون. ڊاڪٽر بہ شعر وادب کان ائين بي بهره هئا، جيئن وارڊ بواءِ. مون انيس کي چيو تہ: "جمال ابڙي کي چئو تہ هو چيف منسٽر ممتاز علي ڀٽي کي چئي ۽ مون کي اسپيشل وارڊ ۾ داخل ڪرائي." مون زرينا کي چيو تہ: "تون انيس وٽ وڃي رهہ . مان ڊاڪٽر کان مارفيا جي سُئي هٽايان ٿو. منهنجو توسان وعدو آهي، مان توسان ملڻ کان سواءِ نہ مرندس. تون رات گهر گذاري صبح جو اچج. خيال اصل نہ ڪجانءِ. موت کي ايتري مجال نہ آهي، جو وقت کان اڳ اچي. مون کي اجا ڪافي لکڻو آهي." زرينا روئندي انيس سان هلي وئي.

ٻئي ڏينهن جمال ابڙي جي ڪوشش سبب مون کي اسپيشل وارڊ ۾ رکيائون. ٽئين ڏينهن بہ مون کي اجا رت اچي رهي هئي تہ مون تبت تي هڪ دلچسپ ڪتاب ڪيئي ڪلاڪ پڙهيو. هڪ ڊاڪٽرياڻي، جنهن مون کي ايتري محويت سان ڪتاب پڙهندي ڏٺو تنهن چيو تہ: "جي تنهنجي زندگيءَ سان ايتري محبت آهي، تہ تون نہ مرندين." مون زرينا کي پاڻ وٽ رهائڻ نہ چاهيو، چو تہ مون نہ پئي چاهيو تہ هُوءَ منهنجي اذيت ڏسي. مون فون ڪري غلام ربانيءَ کي گهرائي ورتو. اها ساري رات منهنجي وات مان رت اچي رهي

هئي ۽ رباني صبح تائين منهنجي مٿي ڪان وينو هو. ممڪن هو تہ ان رات مان مري وڃان ها. مان جڏهن وائيس چانسلر ٿي آيس تہ مون سوچيو ربانيءَ جو قرض چڪايو وڃي. تن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر، سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر هوندو هو ۽ چيئرمئن مرحوم طالب المولي هو. هڪ گڏجاڻيءَ تي هُو اچي نہ سگهيو تنهن ڪري مون ڪان صدارت ڪرايائون. مون پهريون اهو ڪم ڪيو تہ غلام ربانيءَ کي 18 گريڊ مان 19 گريڊ ڏياريو ۽ پوءِ 21 گريڊ ۾ هن کي يونيورسٽيءَ جي پرو وائيس چانسلر شپ لاءِ سنڌ جي چيف منسٽر غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي لکي موڪليم. منهنجي لکت قبول ڪئي وئي ۽ رباني پرو وائيس چانسلر ٿيو. اسپتال ۾ ٻن ٽن ڏينهن ڪان پوءِ غلام ربانيءَ چيو تہ هاڻ مان هلان ٿو ۽ وڃي جويي صاحب کي موڪليان ٿو. جويو ٻہ ساڳئي ڏينهن شام جو هليو آيو. اسين تبت واري ڪتاب ۾ يوگين جي باري ۾ مصنف جي ڏنل احوال تي ڪلندا رهياسين ۽ منهنجي وات مان رت اچڻ بيهي ويو.

ٻئي ڏينهن تي جمال ابڙو روس هليو ويو جتي هو اُتم سان مليو هو. بيماريءَ دوران گهڻيون اذيتون تہ مون کي ڊاڪٽرن ڏنيون. پهرين تہ هنن کي شڪ هو تہ مون کي ڦڦڙن جي ڪئنسر آهي. ان جي چڪاسڻ لاءِ مون کي بيهوش ڪيائون ۽ نڙيءَ ۾ تپاس لاءِ نلڪيون وڌائون، جن مون کي ايترا رهڙا ڏنا، جو بيئنل رت وري وهڻ لڳو. پوءِ منهنجي ٻئي ڪنهن ٽيسٽ لاءِ لنڊن مان هڪ وائل (Voil) گهرايائون. جڏهن اهو منهنجي نڙيءَ ۾ وڌائون تہ منهنجو دم منجهڻ لڳو. مان ٻن ڊاڪٽرياڻين جو ٿورائتو آهيان، جي سرجن کي مدد ڪري رهيون هيون. انهن مان هڪڙيءَ منهنجو هٿ وٺي پنهنجي رانن ۾ بند ڪيو هن جون رانون اطلس وانگر هيون ۽ مون کي ڪجهہ آرام اچي ويو ۽ ان ڪان پوءِ ٻيءَ ڊاڪٽرياڻيءَ بہ ساڳي ڪار ڪئي ۽ مون کي ائين لڳو تہ ڪوئي پڪل زيتون مون کي ڇهي رهيو آهي.

ايتري ۾ سرجن ڊاڪٽر منهنجي نڙيءَ مان نلڪيون ڪڍيون ۽ مون سک جو ساهہ کنيو. مون کي انهن ٻنهي ڊاڪٽرياڻين جي انهيءَ جسارت جي ڪري گهڻي تڪليف محسوس نہ ٿي. مون هنن کي چيو تہ: ”مان چاهيان ٿو تہ مون کي نلڪين ذريعي اهو وائل ٻيهر بہ وڌو وڃي.“ هو کليون ۽ چيائون: ”اسان جو نسخو ڪامياب ويو.“ ٻئي ڏينهن تي مون کي سرٽيفيڪٽ ڏنائون

تہ مون کي برانڪي ايڪٽائيٽس آهي ۽ لنڊن وڃي، وڏيڪ علاج اُتي ڪرايان. هفتي کان پوءِ مون ٻنهي ڊاڪٽرياڻين جي ڪنهن چائينز هوٽل ۾ دعوت ڪئي. ماني کائيندي هنن چيو تہ: "اسان کي خبر هئي تہ تون شاعر آهين ۽ جڏهن تنهنجو ساهہ ٿي منجهيو تہ اسان لاءِ توکي آرام پهچائڻ لاءِ اهو بهترين طريقو هو."

ان ڳالهہ کي ويهارو سال گذري ويا آهن. مون ان بيماريءَ جو علاج نہ ڪرايو آهي ۽ نہ ئي پيهر اها بيماري مون کي ٿي آهي. رڳو منهنجي هٿن مان اطلس جي ڇهاءَ جي تڪليف نہ وئي آهي.

اج جي. ايم. سيد جو پوٽو جلال شاهہ، تاج جويو اياز عالم ابڙو حميد سبزوئي ۽ منير شاهہ، سيد سان لاڳاپيل ماڻهن جون يادگيريون سهيڙڻ لاءِ آيا ۽ وڊيو ڪئسٽ ڀريائون. اياز عالم ابڙي ڪئميرا مئن طور ڪم ٿي ڪيو. انهن جي وڃڻ کان پوءِ زرينا پڇيو: "هي ستار پيرزادو بہ شاعر آهي يا ادب دوست آهي، جو تولاءِ ايڏي پٽ کوهہ ڪري رهيو آهي؟"

مون چيو: "هائو شاعر آهي." پوءِ هن کي ستار جو هڪ نظم ۽ بيت ٻڌايم. سندس نظم جو عنوان آهي: 'سچ لکو'

اي اديبو شاعرو!
ڪوڙ کي ڏوڙ ۾ اڄ ملائي ڇڏيو
سچ سارو چئو
پل تہ ڪو مچ ان سان مچي
پل تہ ڪو ڪامي پڇري وڃي
ڪنهن کي ننهن کان مٿي تائين
باهہ پڙڪي لڳي
پل تہ مغرور ڪوڙي سندو
ڪنڌ ڊرڪي پوي
ڏنگ ڊيري ٿئي
اڪ ميري ڪچڻ کان اڳي
شرم جي مرم ۾ ئي اجهامي وڃي
سچ ايري اچي
ڪوڙ کي پاڙ کان ئي اکيڙي ڇڏيو

ڪتي نہ پڇبو تڏ مسافر

ڪوڙ جو ٻج ٻيهر وري
سنڌ ڌرتيءَ کي چيري نہ اُسري سگهي
زندگي سچ کان واقف ٿئي
ڪوڙ جي لاءِ نفرت وڌي
ڳالهہ ڪوڙي چيل
سڀ ئي سمجهي سگهن
سچ جا سلسلا
روز ويجهن وڌن
جن کي ڪوئي نہ روڪي سگهي
جن کي ڪوئي نہ ٽوڪي سگهي.

سندس هڪ بيت بہ مون کي وڻيو آهي. اهو هي آهي:

هُوءَ جا ڌيءَ ڌراڙ جي، آهہ ساماڻي ڪالهہ،
ڳهيليءَ جـــي ڳالهہ، واڙي واڙي وات تي.

هي تہ بيت ڏاڍو پيارو هو ۽ مون کي وڻيو آهي. دخل در معقولات، روڪي مون ڳالهہ ڪئي، ڪنهن مافوق الفطرت هستيءَ جي، جنهن مون کي وڌيڪ زندگي، شايد ان لاءِ ڏني تہ هن وقت تائين تہ مون گوشت پوست جي انسان سان پيار ڪيو آهي. هاڻي ان ازلي حقيقت سان لون لڳائي ڏسان، جا ازل کان ابد تائين روان دوان آهي، جنهن اڳيان اسان جا ارب کرب سال اک ڇوٽ کان وڌيڪ مختصر آهن.

هنديءَ جي شاعر سورداس لاءِ چوندا آهن تہ پنهنجي پريتما چنتامڻيءَ جي گهر روز ويندو هو. چنتامڻي هن لاءِ ڏاڪڻ جي دروازي کي اندران ڪڙو نہ ڏيندي هئي. هڪ رات مينهن اوڙڪون ڪري وسي رهيو هو. برسات ۾ ڀڄندو، جڏهن سورداس، چنتامڻيءَ جي گهر پهتو تہ هن کي ڏاڪڻ جو دروازو اندران بند نظر آيو. هن سوچيو تہ: ”شايد چنتامڻيءَ ايتري تيز تر بارش ڏسي، سوچيو هوندو تہ هھڙيءَ بارش ۾ سورداس نہ ايندو ۽ ان ڪري ڪڙو ڏئي وچي سمهي پئي هوندي ۽ ڪيس ننڊ اچي وئي هوندي. سورداس ڏاڍو در کڙڪايو، پر ڪائي موٽ نہ ملندي ڏسي، هيڏانهن هوڏانهن ڏنائين تہ هن کي هڪ رسي ڪوٺي تان هيٺ لڙڪندي نظر آئي. هن ڀانيو تہ چنتامڻيءَ احتياطاً رسي

لڙڪائي ڇڏي آهي. هُو رسيءَ تان ڪوني تي چڙهي ويو. چنتامڻيءَ سوڙ ويڙهي ستي پئي هئي ۽ اهو سپنو ڏسي رهي هئي، جو سورداس هن سان ورهائي نہ ٿي سگهيو.

سورداس، سوڙ ۾ هٿ وجهي ڪيس جاڳايو تہ هُوءَ ڇرڪ ڀري اٿي ۽ سورداس کي ڏسي وائڙي ٿي وئي ۽ هن کي چيائين تہ: "مون ڏاڪڻ جو دروازو اندران اهو سوچي ڪري بند ڪري ڇڏيو هو تہ تون هھڙي مينهن ۾ نہ ايندين."

سورداس کيس چيو تہ: "پر تو ڪوني تان رسي جو لڙڪائي ڇڏي هئي."

"ڪهڙي رسي؟" چنتامڻيءَ پڇيو. پوءِ ٻئي ڄڻا ان جاءِ تي آيا، جتان سورداس ڪوني تي چڙهي آيو هو. هنن ڏٺو تہ هڪ ڪوراڙ ڪان وڏي بلا ڪوني تان لڙڪي رهي هئي. اُن وقت سورداس، چنتامڻيءَ جي ڪمري ۾ وڃي بہ سوئا ڳولي لڌا ۽ اکين ۾ ڪپائي چيو تہ: "جي مان اننت ۽ اپار سان ايترو پيار ڪريان ها، جيترو توسان ڪيو اٿم تہ الائجي ڪهڙي پد تي پهچان ها."

مون علي هجويريءَ (داتا گنج بخش) جي ڪتاب 'ڪشف المحجوب' ۾ ڪٿي پڙهيو هو تہ هڪ امير جاگيردار جڏهن پنهنجي زمين گهمڻ ويو تہ هن جي هڪ هارياڻيءَ تي نظر پئي، جا هر جي چونيءَ وانگر هن جي دل ۾ کپي وئي. هارياڻيءَ جي مڙس کي ڪنهن ڪم سان ٽرڪائي ڇڏيائين ۽ پوءِ هارياڻيءَ کي چيائين تہ گهر ۾ اندر هلي. جڏهن هُوءَ اندر وئي، تڏهن جاگيردار کيس چيو تہ، سڀ دروازا بند ڪري. ان تي هارياڻي، جا خدا جي نيڪ ٻانهي ۽ پرهيزگار عورت هئي، تنهن کيس چيو: "مان هڪ دروازي کانسواءِ ٻيا سڀ دروازا بند ڪري سگهان ٿي، جي تون بہ چاهيندين تہ ان دروازي کي بند ڪري نہ سگهندين." ان تي جاگيردار حيران ٿي چيس: "اهو ڪهڙو دروازو ٿي سگهي ٿو جو مان بند ڪري نہ ٿو سگهان؟" هارياڻيءَ جواب ڏنس: "خدا ۽ منهنجي وچ ۾ دروازو جو سدائين کليل آهي ۽ بند ٿي نہ ٿو سگهي." جاگيردار شرمندو ٿي، هن کي اجازت ڏني تہ هوءَ ٻاهر وڃي.

جي ماديت جي فلسفي ۾ اعتبار ڪن ٿا، اهي مون کي وهمي سمجهندا. ڇا هُو اِهو نہ ٿا سمجهن تہ اهو انسان ۽ ازلي حقيقت ۾ رابطو ايترو بہ بعيد از عقل نہ آهي. زندگي جڏهن موت جي ويجهو اچي ٿي تہ اها ساري جي ساري

ڪتي نہ پيجبو تَڪ مسافر
وهم لڳي ٿي.

مون نِنڍي هوندي اصغر گونڊويءَ جو هيٺيون شعر پڙهيو هو جو اڃا تائين مون کي ياد آهي:

جو نقش ہے ہستی کا دھوکا نظر آتا ہے
پردے پہ مصور ہے تنہا نظر آتا ہے

لو شمع حقیقت کی اپنی ہی جگہ پر ہے
فانوس کے گردش میں کیا کیا نظر آتا ہے

منهنجيون ڳالهيون ٻڌي ٻن ڌهرين دوستن مون کي ضد سان چيو: "اسان ملحد آهيون ۽ مرندي دم تائين ملحد رهنداسين."

مون کين چيو: "دل ۾ اوهان فقط مذهبي تعصب کان گريز چاهيو ٿا ۽ نہ خدا جي وجود کان. هن وسيع ڪائنات ۾ انسان جي تجسس جي ڪا حد آهي؟"

صوفي صادق فقير جي مزار عمرڪوٽ ڏانهن ويندي رستي تي آهي. هن ڪيڏو نہ عجيب بيت چيو آهي. جنهن تي سوچيندي مان اڃا ڪنهن خاص نتيجي تي نہ پهتو آهيان.

الله اورانهون چڏيء پري پنڌ پيا،
بنا نالي سپرين، اڃا ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا، صادق ٻڌي سندرا.

اهو پري تائين پنڌ ڪيستائين آهي؟ ۽ صادق فقير 'بنا نالي سپرين' ڪنهن جي لاءِ چيو آهي؟ ڇا تصوف کي ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٿو بڻائي يا صادق فقير جي نگاهہ اسان کان گهڻو اڳتي ٿي ڏسي؟ اهو دروازو انسان ۽ خدا جي وچ ۾ جڏهن کلي ٿو تڏهن ڇا اسان جي ڪائي حدِ نگاهہ آهي؟

ادريس شاهہ پنهنجي ڪتاب 'مشرق جا مفڪر' (Thinkers of the East) ۾ بهاءُ الدين نقش بنديءَ جي باري ۾ چيو آهي، تہ ڪنهن هن کي چيو: "تون اسان کي ڪهاڻيون ٻڌائين ٿو پر اهو نہ ٿو ٻڌائين تہ انهن کي ڪيئن سمجهجي."

بهاءُ الدين جواب ڏنو: ”تون جي ڪنهن ميوي فروش کان ڪوئي ميوو وٺين ۽ هو ڳر ڪڍي، فقط کل توکي ڏئي تہ تون راضي ٿيندين؟“

شاعريءَ ۾ فارسيءَ جا برگزيده انسان اهڙيون ڳالهيون لکندا رهيا آهن، جي بظاهر اعتراض جوڳيون ٿيون لڳن. مولانا روميءَ چيو آهي:

بزیر کنگرہ کبریاش مردانند
فرشتہ صید و پیمبر شکار و یزدان گیر

يا علامہ اقبال چيو آهي:

درد دشتِ جنون من جبریل زبون صیدی
یزدان بہ کمند آور ای ہمت مردانہ.

مون تي ڪفر جا الزام مڙهڻ وارن ڪڏهن فارسي شاعريءَ ۾ شاعر جي آزاديءَ تي سوچيو آهي؟

چڱو زرينا، هاڻي زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ تي اچون! هل تہ توکي ڄامشوري وٺي هلان، جتي توسان چار سال گذاريا هئا. سي. اي. جُنگ، يورپ جو ماهر نفسيات هو جنهن پنهنجي يادداشت ۾ ڪيئي اهڙا واقعا لکيا آهن، جڏهن انسان کي خواب ۾ مستقبل نظر آيو آهي؟ زرينا! توکي ياد آهي تہ هڪ ڀيري مون توکي ننڊ مان جاڳائي چيو هو تہ: ”مون هڪ عجيب خواب لڌو آهي. ڏسان ٿو تہ هڪ ٻارو آهي، جنهن جي چوڌاري پيلي گلاب جا وڏا گل ٽڙيل آهن، جن جي وچ ۾ چبوترو آهي، جنهن تي هڪ گلابي پٿرٽي پٿريل آهي ۽ مان اتي ليٽو پيو آهيان. ان جي سامهون هڪ بنگلو آهي، جنهن جي چوڌاري هڪ ديوار آهي ۽ ديوار جي ٻاهران بندوقن سان ماڻهو بيٺا آهن.“

مهيني ٻن کان پوءِ مون کي پٽي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڪيو هو. مان توکي گهرو سامان سڙو ٺاهڻ لاءِ سکر ڇڏي، اڪيلو ڄامشوري چارج وٺڻ ويو هوس. جيئن سنترين وي. سي هائوس جو دروازو کوليو تہ مون خواب ۾ ڏٺل ٻارو ڏٺو جنهن جي چوڌاري پيلي گلاب جا وڏا گل ٽڙيل هئا. ان جي سامهون هڪ بنگلو هو جنهن جي چوڌاري هڪ ديوار هئي، جتي گارڊ بندوقون جهليون بيٺا هئا. فقط گلابي پٿرٽي چبوتري تي پٿاريل نہ هئي. پندرهن ڏينهن کان پوءِ تون جڏهن سارو سامان گهران ڪٽي

آئينءَ تہ بستري ۾ اها گلابي پٽڙٽي بہ هئي، جا تو نئين سبائي هئي. اها قدرت الله شهاب جي ’شهاب نامہ‘ وانگر بعيد از فهم ڳالهہ نہ آهي، ڇو تہ ماضي، حال ۽ مستقبل ساڳئي ئي هنڌ آهن. ڪنهن ڪنهن وقت مستقبل جي جهلڪ نظر اچي ٿي. اها عورت جنهن کي مون ڏکندڙ ڏند وانگر ڪيڏي ٿڪو ڪيو هو ۽ ڏند ڪجهہ وقت لاءِ ڏکندو رهيو هو پر پوءِ مون کي آرام اچي ويو هو. مون ملاقات کان اڳ خواب ۾ پنهنجي آغوش ۾ ڏٺي هئي.

مان جڏهن وي. سي هائوس ۾ ويس تہ ٻاهرين ديوار سان هڪ بوگن ولا، ڪجهہ ديسي انبن جا وڻ، ٻہ ٻيريون، هڪ گدامڙيءَ جو وڻ، هڪ ايڪڙ سينگاپوري ڪيلا، ٻہ سينگاپوري ليمن جا وڻ ۽ ڪجهہ پپيئن جا ۽ ڦارون جا وڻ هيا. مون کي ساري عمر سوداءُ رهيو هو تہ مون کي شاهي باغ جيترو باغ هجي. مون ان ۾ ڪيئي قلمي انبن جا وڻ، پپيئن ۽ ڦارونَ جا وڏيڪ وڻ، انجيرن، توتن، زيتونن جا وڻ، آريٺين جو هڪ وڻ، جو ڪجهہ وقت اڳ مون پروفيسر ناگوريءَ جي گهر ۾ ڏٺو هو، هڪ ڪچنار جو وڻ ۽ سنانڊڙيءَ جا وڻ پوکايا ها ۽ وي. سي هائوس جي ساري پڌر کي خوشبوءِ دار ۽ ڦولدار ولين سان جهنجهي ڇڏيو هو. اتي مون پامَ جون ڪونديون بہ رکايون هيون ۽ طرح طرح جون ڀاڄيون ڪرايون هيون. منهنجي مالهي محمد هاشم جڙ وي. سي هائوس کي پورو شاهي باغ ٺاهي ڇڏيو هو. اتي ٽيليفون جي تارن تي شام جو پکيئڙا ڇهچهائيندا ها ۽ سرءُ ۾ ڪانوَ لوندا ها ۽ هوا ۾ ڦيريون ڏيندا ها. مان صبح جو اتي باغ ۾ چڪر ڏيندو هوس، ويتر جو منهنجي دوست، ميرپورخاص جي سيشن جج حيدر شاهہ تر مان بہ مور، هڪ هرڻي ۽ هڪ السيشن ڪتو موڪليو تہ باغ ۾ رونق وڌي وئي. زرينا، تو بہ ڪيترائي سهڙ ۽ ڪبوتر پڃرن ۾ پاليا ها ۽ ڪيتريون ئي ڪڪڙيون، اسان جي رڌڻي جي پنيان ڦرنديون هيون. سهڙ توکي ڪيترا نہ وڻندا ها. تو هڪ بہ ڪبوتر يا سهڙ ذبح ٿيڻ نہ ڏنو. مان توکي ڪيترو سمجهي سگهيو آهيان زرينا! عورت کي سمجهڻ ڪيترو مشڪل آهي. مون لاءِ عورت هڪ معمو رهي آهي. مونا ليزا کان بي بي مريم تائين، ليوناردو ڊاونچي هن کي مصوريءَ ۾ ڦاسائي نہ سگهيو آهي. صبح جو باغ تان تون پاڻ سبزيون پٽڻ ويندي هُئينءَ. تون پرهہ جي گلاب وانگر تروتازه لڳندي هُئينءَ. مون کي افسوس آهي جو مون تنهنجي تعليم تي پوري توجهہ نہ ڏني. هونءَ تو ۾ ڪافي صلاحيتون هيون.

جيڪڏهن جيئي سنڌ وارا ڇوڪرا مون کي هر هر پريشان نہ ڪن ها ۽ منهنجا ماتحت هنن سان سازش ۾ شريڪ نہ هجن ها تہ ايتري اطمينان جي فضا ۾ مان يونيورسٽيءَ کي ناهي سگهان ٿا. مون هر ڪلاس ۾ وڃي انهن کان سندن ضرورتون پڇيون ۽ اهي پوريون ڪري ڏنيون ۽ لائبريري ڪتابن سان پري ڇڏي. مون انقره يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ ۾ چار هزار رسالا آمريڪا ۽ يورپ مان هر مهيني ايندي ڏٺا ۽ هر ڊين جي سفارش تي ڪيئي فارين رسالا گهرايا. مون يونيورسٽيءَ کي ناهڻ چاهيو پر اسان جي قوم ۾ حسد جو عنصر بي مثال آهي.

مون اينٽرن اديبن کي نوڪريون ڏنيون جيتريون يونيورسٽيءَ جي ساري عرصي ۾ بہ نہ ڏنيون ويون هيون.* مون پاڻ اسلام آباد ۾ فيڊرل ايجوڪيشن جي سيڪريٽريءَ کي چئي، ڪين ٻاهرين ملڪن لاءِ اسڪالرشپون وٺي ڏنيون. پهرين هيٺين ملازمن لاءِ ڊي ٽائيپ ڪُئارٽر رهائش لاءِ ٺهرايا ۽ ليڪچرارن ۽ پروفيسرن لاءِ پوءِ رهائش لاءِ ڪوارٽر ٺهرايا، جي ڪنهن بيواهہ کي جي. پي فنڊ نہ ملندو هو تہ مان ڊائريڪٽر فنانس جي آفيس ۾ ويهي، هن کي روبرو چيڪ ڪيرائي ڏيندو هوس.

بمبئي، جتي 'شاهہ سچل ۽ سامي' سيمينار ٿيو هو اها جاءِ پروفيسر پنجواڻيءَ جي نالي ۾ نهرائيندڙ هڪ سنڌي سيٺ، پهرين ڏينهن منهنجي ۽ زرينا جي دعوت ڪئي ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي خاندان جي ڪجهہ عورتن کي بہ وٺي آيو. سنڌي سيٺ ٻن فائيو اسٽار هوٽلن جو مالڪ هو جن جي قيمت اٽڪل ڏهہ ڪروڙ رپيا هئي. پهرين ڏينهن جڏهن سانس اسان جي پهرين ملاقات ٿي، تڏهن اتي ماني کائيندي پڇيائين تہ: "تون تہ سنڌ جو شاعر آهين، ٻڌائي سگهندين تہ سنڌي ماڻهوءَ ۾ ايترو حسد ڇو آهي. مان ڏهن ڪروڙن جي ٻن فائيو اسٽار هوٽلن جو مالڪ آهيان. بمبئيءَ ۾ مون پنهنجي زندگي هڪ ٽائپسٽ جي حيثيت سان شروع ڪئي هئي. مان نہ چوان تہ ايترو مال ملڪيت ايمانداريءَ سان ڪنو ٿي سگهي ٿو. مون ساري پارٽ کي ڏڏو آهي، پر سنڌين کي تہ ڏنو اٿم. اها جاءِ جتي رام پنجواڻيءَ جي ڏيوري آهي، مون سٺ لک رپيا خرچ ڪري ٺهرائي آهي ۽ سنڌين کي دان

* عبدالقادر جوڻيجو حورات پريم، محمد قاسم ٻگهيو سحر امداد وغيره شيخ اياز ملازمت ۾ رکيا هئا. (ت.ج)

ڪئي اٿم تہ پل هو پنهنجا جلسا اتي ڪندا وتن.“ پوءِ هُن مون کي هڪ لطيفو ٻڌايو. چئي: ”هڪ سنڌيءَ، ڏٽيءَ جي در دعا گهري تہ مون کي هڪ گهر ڏي“ ڏٽيءَ سندس دعا اگهائي. کيس تہ هڪ گهر ڏنائين، پر سندس پاڙيسري سنڌيءَ کي بہ گهر ڏنائين. ان ڳالهہ هن کي همٿايو ۽ هن وري دعا گهري تہ: ”اي ڏٽي! مون کي هڪ ڪروڙ رپيا ڏي“ ڏٽيءَ هن کي تہ هڪ ڪروڙ رپيا ڏنا، پر هن جي پاڙيسري سنڌيءَ کي بہ ڪروڙ روپيا ڏنائين. ان ڳالهہ کيس غصو ڏياريو ۽ ڏٽيءَ در دعا گهريائين: ”اي ڏٽي!منهنجي هڪ اک ڪڍ ۽ منهنجي پاڙيسريءَ جون ٻئي اکيون ڪڍ.“

پوءِ هن هڪ ٿهڪ ڏنو ۽ چيائين: ”سنڌ جي تاريخ ۾ پيهي ٻڌايو تہ هڪ سنڌيءَ ۾ ايتري غداري، پنهنجي هم وطن سان بدسلوڪي ۽ حسد جو جذبو ڇو آهي؟“

مون راجا ڏاهر کان وٺي شهيد ڀٽي تائين ساري تاريخ کي ولوڙيو تہ مون کي ڪوئي خاص سبب نظر نہ آيو. شايد ان سبب جاڻڻ لاءِ اجا بہ پٺتي وڃڻو پوندو. جڏهن چچ پنهنجي راجا راءِ سهاسيءَ کي دغا سان مارايو هو. پوءِ نہ رڳو هن جي راڄ ڏانيءَ تي، پر هن جي استريءَ (زال) تي بہ قبضو ڪيائين. ان ۾ بهرصورت شڪ نہ آهي تہ سنڌ جي موجوده تاريخ چچ جي ان دغا سان شروع ٿئي ٿي. ان ۾ حسد، دغا ۽ بدديانتيءَ جو عنصر آهي. اجا پٺتي وڃي سڄو رگ ويد پڙهان تہ پوءِ پورو جواب ميسر ٿئي تہ سنڌ جا ماڻهو ايترا اکين ٻوٽ، احسان فراموش ۽ حاسد ڇو آهن.

مولانا غلام محمد گراميءَ جي تحقيق آهي تہ حضرت آدم ع، آدم شاهہ جي ٽڪريءَ تي لٿو هو ۽ ممڪن آهي تہ قابيل ۽ هابيل جي وچ ۾، سرزمين سنڌ تي خون خرابي ٿي هجي. ڪيئن چئجي؟

وي سي آفيس ۾ مون ڪم پوءِ شروع ڪيو پهرين پٽ شاهہ تي حاضري ڀري آيس. اتي ڪجهہ تقريرون بہ ٿيون ۽ مون شعر بہ پڙهيا. جڏهن موٽياسين پئي تہ هڪ پروفيسر، جا ڪئمپس ۾ رهندي هئي، انهيءَ چيو تہ: ”اوهان جي ڪار ۾ ڪافي جڳهہ آهي ۽ مان بہ ماپي ويندس. مون کي بہ کنيو هلو.“ مون ڪار جو دروازو کولي هن کي ويهاريو ۽ کانئس پڇيو تہ: ”اوهين ڪير آهيو؟“

جواب ڏنائين: ”مغلياڻي.“

مون تي وڃ ڪِري پئي ۽ مان ڪار جي سيٽ ۾ ويهي ويس.

ڄامشوري ۾ منهنجو وقت گهڻو ڪري آفيس ۾ يا بنگلي واري باغ ۾ گذرندو هو. ڪڏهن ڪڏهن رستي تي پنڌ نڪري ويندو هوس. هوا ۾ ڪائي مهڪ مون کي چڪيندي هئي. اها ئي مهڪ مون کي ياد آئي، جڏهن جپسي عورت لينن گراڊ اسٽيشن تي مون کان سوال پڇيو هو "تون ڪجهہ پنتي ڇڏي آيو آهين ڇا؟"

ڪجهہ ڏينهن مس گذاريا تہ هڪ بجي رات جو شاگردن جو هجوم وي.سي هائوس ٻاهران ڪٺو ٿيو ۽ 'جيئي سنڌ'، 'جيئي سنڌ' جا نعرا هڻڻ لڳا. مون کي هڪ گارڊ اچي چيو: "ڇوڪرا گيٽ ٽپڻ ٿا چاهين، چئو تہ ڦهرين ۾ تي فائر ڪريون." مون هنن کي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ پنهنجو روالور لوڊ ڪري، سوٽي ڪيس سان ڍڪي، گيٽ ڏانهن ويس. هنن چيو تہ: "هتي ننڊون ڪرڻ آيو آهين ڇا؟"

مون جواب ڏنو: "ننڊ تہ سوريءَ تي بہ اچي ويندي آهي. توهان هن آويري وقت ڪيئن آيا آهيو؟"

جواب ڏنائون: "سيد وٽ هڪ اگهوٽو فوجي آيو ۽ ٻهانو ڪيائين تہ هو سيد جي فڪر کان متاثر ٿي آيو آهي، پر اسان کي شڪ پيو ۽ هن جي تلاشي ورتي سون تہ هن جي ور ۾ هڪ خنجر هو."

مون ڪائين پڇيو: "پوءِ اوهان ڇا ڪيو؟"

وراڻيائون: "اسان هن جو خنجر کسي ورتو. هن کي ٻڌي ويهاريو آهي. هن مارڪٽ تي ٻڌايو تہ هن کي جي. ايم. سيد ۽ شيخ اياز کي قتل ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. پر سيد تہ قرآن شريف جا حوالا ٿي ڏنا، ان ڪري هن کي قتل ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو. باقي شيخ اياز کي ڏسي رهندس."

مون هنن کي تسلي ڏئي چيو: "اڄوڪي رات تہ هو سَن ۾ ٻڌو ويٺو هوندو، منهنجي گارڊن کي هن جو حُليو ٻڌائي ڇڏيو. جي آيو تہ ڪيس خنجر سميت اڏائي ڇڏيندا. هاڻي مون کي ننڊ ڪرڻ ڏيو."*

---

* بوستان علي نالي هڪ لائنس نائڪ، سن ۾ جي.ايم. سيد کي مارڻ آيو هو اهو ڦهرين اياز کي مارڻ ويو هو پر گارڊ ڏسي موٽي ويو سن ۾ جي.ايم.سيد تي اڪيلائيءَ ۾ ڦهرين گارڊن جي رائيفل ۽ بعد ۾ خنجر ذريعي حملي آور ٿيڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ناڪام ويو اياز اُهو. واقعو ڄاڻايو آهي. (تاج جويو)

چوڪرا گارڊن کي خونيءَ جو حُليو ٻڌائي موٽي ويا. ان کان پوءِ بہ بار بار جيئي سنڌ جي ڇوڪرن کي برغلايو ويو ۽ هو مون کي ڪافي تنگ ڪرڻ لڳا ها. مون کي حافظ جو هڪ شعر ٿو ياد اچي:

من از بیگانگاں ہر گز نہ نالم
کہ با من ہر چہ کرد آں آشنا کرد.

(مون کي بيگانن کان شڪايت نہ آهي،
مون سان جيڪي ڪيو، هن آشنا ڪيو.)

ڪجهہ پروفيسر بہ اُيا تي ويا ها. هو ان تي ڪاوڙيل ها تہ ڀٽي صاحب هنن تي يونيورسٽيءَ کان ٻاهريون ماڻهو ڇو مسلط ڪيو آهي؟ هڪ آمريڪن ڊاڪٽر مارڪ، جو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انسٽيٽيوٽ آف سائنٽيفڪ ريسرچ (Institute of Scientific Research) ٺاهڻ لاءِ موڪليو ويو هو تنهن مون کي دعوت تي سڏيو. ڪيس انهن پروفيسرن کان ذاتي نفرت هئي، جي منهنجي مخالفت ڪري رهيا هئا. هُو هڪ خط لکي آيو هو ۽ چيائين تہ هي خط ڀٽي صاحب ڏانهن ڪنهن پروفيسر جي هٿان موڪل ۽ جي هو توکي ڪٽي ملاقات لاءِ وقت ڏئي تہ هي پروفيسرن ۽ ڇوڪرن جي لسٽ ڏئي چوينس تہ انهن کي ٻيءَ ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ موڪلي ڏئي. مون غلام ربانيءَ جي دوست پروفيسر دائود پوٽي کي خط سوڙو لاڙڪاڻي موڪلي ڏنو. ڀٽي صاحب کيس چيو: "مان ٻن ڏينهن ۾ نارٿ ڪوريا وڃي رهيو آهيان ۽ اياز کي چئو تہ سياڻي مون سان ملي."

مان ٻئي ڏينهن شام جو ستر ڪلفٽن تي ويس. سنڌ جو چيف منسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي ٻاهر ويٺو هو. ڀٽي صاحب مون کي اندر ڪمري ۾ گهرايو جتي هو وسڪي پي رهيو هو. هن مون کي چيو: "ويهہ." مون نظر اچلائي تہ سامهون شاهہ ايران جو هن جي آٽوگراف سان گڏ مڙهيل فوٽو رکيو هو ۽ ان جي پٺ تان مائوزي تنگ جو پنهنجي آٽوگراف سان مڙهيل فوٽو رکيل هو. اها هن جي ٻاهمي دوستيءَ (Bilateralism) جي علامت هئي. هن چيو: "مون تنهنجو خط پڙهيو. ڪهڙا پروفيسر ۽ ڇوڪرا توکي تنگ ٿا ڪن. لسٽ آندي اٿئي." مون هن کي کيسي مان لسٽ ڪڍي ڏني.

هن اي. ڊي. سيءَ کي چيو تہ: "جتوئي صاحب کي اندر موڪل."

مون اجا ڪجھہ ڪڇيو ئي نہ هو تہ، پٺي صاحب لکيو تہ، پروفيسرن کي ڏس مس ڪيو وڃي ۽ شاگردن لاءِ لکيائين تہ هنن کي جيل ۾ وڌو وڃي. يونيورسٽيءَ ۾ ٿرٿلو مچي ويو. اهي پروفيسر جي ڏس مس ڪيا ويا ها، انھن مان ڪي عبدالحفيظ پيرزادي لا منسٽر آف پاڪستان جا واقف ها. انھن مان ٽي تہ سنڊيڪيٽ جا ميمبر هئا. انھن پيرزادي کي چيو تہ پٺي صاحب کي سمجھائي ۽ هو وري منھنجي مخالفت نہ ڪندا. پٺي صاحب پيرزادي کي چيو تہ مون سان گڏجاڻي ڪري پڇي تہ جي هنن کي ٻيهر ڪا نوڪري ڏني وڃي تہ مون کي اعتراض تہ نہ ٿيندو. اهڙي گڏجاڻي ڪراچيءَ ۾ رکي وئي، جنھن ۾ پيرزادو صاحب، جتوئي صاحب، مسٽر الانا، وزير تعليم سنڌ ۽ عبدالوحيد ڪٽپر وزير صحت سنڌ موجود هئا. مسٽر ڪٽپر لاڙڪاڻي جو هيو ۽ پٺي صاحب جو خاص ماڻھو هو ان کي شاهد طور موڪليو ويو هو. حفيظ پيرزادو جو سکر جو ۽ منھنجو پاڙيسري ۽ واقف هو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ مجيب پيرزادو، نبي بخش کوسي سان گڏ منھنجو جونيئر رهيو هو. تنھن مون کان ٽڏائيءَ سان پڇيو: "اياز تون تہ يونيورسٽيءَ جو ماڻھو ناهين ۽ مان نہ ٿو ڀانيان تہ هنن پروفيسرن جي توسان ڪائي دشمني هوندي."

ان تي پيرزادي وراڻيو: "هنن توسان بدشد ڳالهايو آهي ڇا؟ يا ڪنھن نموني تنھنجي بيعزتي ڪئي اٿائون؟"

مون جواب ڏنس تہ: "هنن رڳو مون سان تعاون نہ ٿي ڪيو ۽ مون کي ڪم ڪرڻ نہ ٿي ڏنائون."

ان تي حفيظ صاحب چيو: "هنن يونيورسٽيءَ ۾ ڪيئي سال نوڪري ڪئي آهي، جيڪڏهن هي تو لاءِ ڪي مسئلا نہ اٿارين تہ هنن جي بحاليءَ تي ڪوئي توکي اعتراض آهي ڇا؟"

مون چيو تہ: "نہ."

حفيظ صاحب چيو تہ: "مون کي پٺي صاحب کي اهو ٻڌائڻو پوندو تہ توکي هنن جي بحاليءَ تي ڪوئي اعتراض نہ آهي."

ان کان پوءِ پٺي هنن کي بحال ڪيو. ان تي پروفيسرن جو من وڌي ويو. هن يونيورسٽيءَ ۾ آيا ۽ هنگامو برپا ڪيائون. احمد محي الدين، جو مون وٽ ڊين، فئڪلٽي آف سائنس هو مون وٽ ڏڄندو آيو ۽ چيائين تہ: "جي هي هتي رهيا تہ اسان لاءِ عذاب ٿي پوندا، ڇو تہ اسان توسان تعاون ڪيو هو."

مون حفيظ پيرزادي کي اسلام آباد فون ڪيو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ: ”هنن تہ اڄڻ سان هنگامو ڪيو آهي.“

ان تي حفيظ صاحب يڪدم جتوئي صاحب کي فون تي چيو تہ: ”انهن پروفيسرن کي ڪنهن ٽرڪ ۾ واڙي ڪراچيءَ گهرايو وڃي، ڪين يونيورسٽيءَ کان ٻاهر نوڪريون ڏينداسون.“

جيستائين مان يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر هوس، هو حيدرآباد کان ٻاهر نوڪريون ڪندا ها. منهنجي چار سال ٽرم پورو ٿيڻ کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ موڪليا ويا، ڇو تہ ضياءُ الحق، جو اسلام پسند هو مون سان نفرت ڪندو هو. هن پٽي کي ڦاسي ڦٻائڻ تي چاهي ۽ تيستائين مون کي پٽي جي ڪاٽي ۾ وجهڻ نہ ٿي چاهيائون، ان ڪري مون تي ڪائي ڪاروائي نہ ڪئي هئائون.

پٽو صاحب نہ رڳو ڏاڍو ذهين هو پر هن جو حافظو بہ ڪارٿيج جي جنرل هَني بال وارو هو جنهن کي پنهنجي هر سپاهيءَ جو نالو ياد هوندو هو.

هن بہ پيرا سکر جي سرڪٽ هائوس ۾ مون کي گهرايو هو. آخري پيري جڏهن ٽيپ رڪارڊ هلي رهيو هو هن مون کي چيو تہ: ”شيخ تون ۽ مان هڪ جيل ۾ گڏ رهيا آهيون، مان تنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟ ڪا نوڪري، ڪو پلاٽ، پرمٽ جيڪي بہ گهرجئي.“

مون جواب ڏنو: ”اوهان جي مهرباني اهوئي ڪافي آهي تہ اوهان ايوب خان وانگر منهنجي شاعريءَ تي بندش نہ وڌي آهي. مون کي جيل ۾ نہ ٿا وجهو.“

پٽي صاحب چيو: ”شيخ، توکي جهڙي شاعري گهرجي، پلي ڪر، مان توتي ڪائي بندش نہ وجهندس. مان تنهنجي ٽائيپ کي سڃاڻان. تون گهرندين ڪجهہ بہ نہ. پلا تون شاعر آهين. هيءَ رنگارنگ دنيا ڏسڻ چاهيندين؟ توکي ڪيڏانهن ٻاهر موڪليان؟“

مون جواب ڏنو: ”پلي.“ ۽ ڏنم تہ پٽي جي منهن تان رنجش لهي وئي.

وي. سي. هائوس ۾ منهنجي پي. اي عطا محمد فون کڻي چيو تہ: پرائيم منسٽر جو ملٽري سيڪريٽري اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي. مون فون کڻي، ’هيلو‘ ڪئي تہ ملٽري سيڪريٽريءَ چيو تہ: ”پرائيم منسٽر اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي.“

”شيخ خوش آهين؟ يونيورسٽيءَ ڪيئن پئي هلي؟“ پٺي صاحب پڇيو.

”نيڪ پئي هلي.“ مون جواب ڏنو.

”شيخ توکي ياد آهي تہ مون توسان هڪ واعدو ڪيو هو.“ پٺي صاحب چيو.

مون جواب ڏنو: ”سائين، مون کي تہ ياد نہ ٿو اچي.“

پٺي صاحب چيو: ”مون توکي دنيا گهمائڻ جو واعدو ڪيو هو. هاڻي مان توکي يو. ايس. ايس. آر ڏانهن ڊيلي گيشن جو ليڊر ڪري ٿو موڪليان. ٻن چئن ڏينهن ۾ اسلام آباد مان ڪوئي آفيسر تو وٽ پهچندو تيستائين پاسپورٽ ڪيڊرائي رک!“ پوءِ جو احوال مون ”جڳ مڙيوئي سپنو“ ۾ ڏنو آهي.

ان کان ڪافي مهينا پوءِ پٺو صاحب حيدرآباد آيل هو. مون اجا وائيس چانسلر جي چارج مس ورتي هئي. هو هڪ وڏي پنڊال ۾ ويٺل هو ۽ هن جي پرسان ايم. اين. اي ۽ ايم. پي. اي ويٺا هئا. مان پٺي صاحب جي سامهون ڪجهہ وڪيلن سان گڏ ويٺو هوس، جي منهنجا پراڻا دوست هئا، جيئن پٺي جي نظر مون تي پئي تيئن چيائين: ”شيخ، تون ايڏو پري ڇو ويٺو آهين. تون تہ منهنجي پرسان اچي ويهہ تہ توسان ڳالهائي سگهان.“ اوچتو ايم. اين. اي، ايم. پي. اي هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا تہ ڪير اُٿي مون کي جاءِ ڏئي! هر ڪنهن کي ڪرسي پياري هئي، ڇوتہ پٺي صاحب جي ويجهو ويهي هُو پاڻ کي عرش وڪرسيءَ تي سمجهي رهيا هئا. نيٺ قمر الزمان شاهہ اٿي مون کي چيو: ”شيخ صاحب! هن ڪرسيءَ تي اچي ويهو.“

وڏيرن ٽڏو ساهہ پريو جڻ هنن تان ڪائي آفت ٽري وئي.

وائيس چانسلر واري وقت ۾ مون کي آرام جي گنجائش هئي، نہ تہ ان کان اڳ مون ساري عمر بي آراميءَ ۾ گذاري هئي، پر سنڌ جا نوجوان ڏاڍا زود فراموش آهن ۽ هنن جلد وساري ڇڏيو تہ مون هنن لاءِ ڇا ڪيو هو. اديب، جي منهنجا دوست ها، انهن مان اڪثر مَ سَهوُ ها. اها حالت رڳو مون سان نہ ٿي هئي، پر صديون سنسڪرت جي عظيم شاعرن ڪالي داس ۽ ڀوُڀوتيءَ لاءِ بہ ساڳي ڳالهہ لکي وئي آهي، جا مون کي شروع ۾ ذڪر ڪيل شاعره تورو دت ٻڌائي هئي. پر ان سان منهنجي گفتگو ان اسرار جو حصو آهي، جو

مان ظاهر ڪرڻ نہ ٿو چاهيان.

هڪ ٻيءَ پيري ٻٽي صاحب مون کي يونيسڪو جي ڪنهن ڪانفرنس ۾ ترڪيءَ موڪليو ان جي باري ۾ احوال ڊاڪٽر گِوَنچ جي حوالي سان مون "جڳ مڙبوئي سپنو" ۾ ڪيو آهي. جڏهن مون استنبول جي شيريٽن هوٽل جي ڪائونٽر تي خوبصورت ڇوڪريءَ کي پنهنجو نالو لکايو تہ هن چيو: "اياز تہ ترڪي لفظ آهي، توکي خبر آهي تہ ان جي معنيٰ ڇا آهي؟"

مون جواب ڏنو: "نہ."

ان تي هن چيو: "سرد هوا."

مون دل ۾ چيو تہ: "هونءَ تہ منهنجي شاعري لُڪَ وانگر لڳندي هئي. پر هاڻي شايد ٻُڳاتجي وئي آهي."

هُوءَ ڏاڍي خوبصورت هئي. منهنجو نالو رجسٽر ۾ نوٽ ڪري، پورٽر کي سامان کڻي وڃڻ لاءِ چيائين ۽ مون کي پاڻ ڏانهن گهوريندي ڏسي انگريزيءَ ۾ چيائين: "اوهان کي ٻيو ڪجهہ گهرجي."

مون هن کي چيو تہ: "فقط تون." پر پرسان بينل پنجاب يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر مسٽر خيرات کي ڏسي لفظ ڪائي ويس ۽ جملو اڌ ۾ رهجي ويو.

فائيو اسٽار هوٽلن ۾ دعوتون، وسڪي، نمڪين پستا ۽ باداميون، تريل بڪيون ۽ جيرا. زندگيءَ کي رنگين بڻائي رهيا هئا.

مون اجا مٿيان لفظ ٿي لکيا تہ فيروز احمد جو حيدرآباد مان فون آيو تہ "گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾" ڪمپوز ٿي چڪو آهي. مون ٻڌو آهي تہ اوهان "ڪٿي نہ پيچبو ٽڪ مسافر" لکي رهيا آهيو."

مون جواب ڏنو تہ: "ها. پنهنجي نوٽ بوڪ جا هڪ هزار کن صفحا لکي چڪو آهيان. جن کي اجا درست بہ ڪرڻو آهي."

فون رکيم تہ هڪ ڳالهہ ياد آئي، جا بابا منهنجي ڏاڏي کان ٻڌي هئي تہ: "هڪ ڀيري حڪيم ابوسينا ڪوئي پوڙهو مڙس ڏٺو جو ڪانئين جي ڀري مٿي تي کڻي ٿي ويو. ابوسينا پنهنجي شاگرد کي هن جي ڪِڍ موڪليو ۽ هن کي چيائين تہ. هي اڳتي هلي مري وڃي تہ مون کي اچي ٻڌائجانءِ."

ڪجهہ پنڌ ڪري پوڙهو ٿڪجي پيو تہ ڪانئين جي ڀري لاهي رکيائين مس تہ پاڻ ڀريءَ وانگر ڦهڪو ڏئي ڪِريو. ابوسينا جي شاگرد موٽي،

جڏهن ابوسينا کي اها حقيقت ٻڌائي، تڏهن ابوسينا کيس چيو: ”مون هن کي ڏسڻ سان ئي سمجهي ورتو هو تہ هو هلي ئي پيريءَ جي زور تي ٿو. پيري لاهيندو تہ مري ويندو.“

”ها. ها......“ مون سوچيو: ”هي ساروٽيون هڪ پيري، انهن ڪانئين جي پيريءَ کان ڪيئن مختلف آهي!“

اسان جي گهر جي سامهون فليٽ ۾ هڪ هندو عورت رهندي آهي، جنهن کي سيئي دادي ڪوٺيندا آهن. هُوءَ زرينا سان آچر بازار ۾ گڏجي وئي ۽ اتي ڪجهہ خريد ڪيائين. جڏهن هو گهر موٽي آيون، تڏهن ٻن منٽن کان پوءِ داديءَ اسان جي فليٽ جي گهنٽي وڄائي ۽ اچا زرينا در کوليو تہ کيس سؤ رپيا موٽائي ڏنائين. ان تي زرينا چيس: ”دادي، ايڏي ڪهڙي تڪڙ هئي. شام جو ڏين ها!“

ان تي داديءَ وراڻيو: ”پيرڻ، حياتيءَ جو ڪهڙو ڪئٽ آهي، شام جو مان جيئري هجان يا نہ هجان. ڪنهن جو بہ قرض ڪائي وڃڻ چڱو نہ آهي.“

يڪدم مون کي خيال آيو تہ آءٌ بہ هيءَ آتم ڪهاڻي پوري ڪري زندگيءَ جو قرض چڪائي وڃان. پر سوچيم تہ فيروز احمد لاءِ هي ڪتاب ڪافي ڊگهو ٿي ويندو. اچا تہ ڇهين درجي انگريزيءَ تائين پهتو آهيان.

مون برسات ۾ پنهنجي ڪالم ۾ لکيو هو تہ: ”منهنجي اندر جا مانسرور آهي، ان مان هڪ ندي بہ پوري نہ وهي آهي، مون کي پنهنجي ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ سؤ سال ٻيا بہ گهرجن. پر عمر دراز جي تمنا جي باوجود جي مان اڄ ۾ مري وڃان تہ مون کي ڪلفٽن تي ٻهاڙيءَ تي پوربو وڃي، سمنڊ جي سامهون جو منهنجو پاءُ آهي، پر پاڪستان جي ڪنهن بہ سرڪار ۾ مون کي اها اميد نہ آهي، ان ڪري بهادر شاهہ ظفر جي هڪ سٽ تي اڪتفا ٿو ڪريان:

*”دو گز زمین بھی نہ ملی کوئے یار میں.“*

’يار‘ بدران ’شهر يار‘ پڙهيو وڃي تہ وڌيڪ معنيٰ خيز ٿيندو.

ڪالهہ منهنجي ڀاڻيجي سعيده ۽ هن جو مڙس ڪرنل وقار ملڻ آيا ۽ چيائون: ”شڪارپور مان ٿا اچون.“ انهن سان ڳالهيون ڪندي، مون سوچيو تہ جي مون کي پاءُ اڳيان ابدي آرام لاءِ جاءِ نہ ملي سگهي تہ پيرڻ جي پرسان

ئي مليو. شڪارپور ۾ پير الف شاهہ جي قبرستان ۾ منهنجي پيڻ دفنايل آهي. اتي منهنجو سهرو ۽ سس ۽ وقار جو پيءُ واجد علي ۽ ہيا مائٽ دفنايل آهن. اتي منهنجي پرسان جاءِ ڇڏي وڃي. زرينا ٽيهہ چاليهہ سال پوءِ ايندي، هُن لاءِ بہ جاءِ ڇڏي وڃي.

مون سعيده کي سؤ رپيا ڏئي چيو: "منهنجي پيڻ ۽ ان جي پرسان آرامي مائٽن تي گل وجهي." ان تي وقار چيو تہ: "چاچا دال ۽ چانور بہ وجهون. انهن قبرن مٿان هڪ وڻ ڇٽ وانگر جهڪي آيو آهي، جنهن تي ڪيئي پکي چون چون ڪندا آهن. انهن کي چوڳو وجهڻ ثواب جو ڪم آهي." مون وقار کي چيو تہ: "ڀلي. پکي بہ منهنجي ذات وارا آهن."

منهنجي ڏٽيءَ در التجا آهي تہ مون کي ايتري فرصت ڏئي تہ مهد کان لحد تائين پنهنجي آتم ڪهاڻي پوري ڪري سگهان. منڪر ۽ نڪير لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڇڏيان. مون اجا تائين تہ مئترڪ تائين بہ زندگي نہ لکي آهي. اميد تہ خدا اها منهنجي التجا اگهائيندو. آمين!

# ڪٿي نه
# ڀڄبو
# ٿڪ
# مسافر



# انتساب

پنهنجي شاعريءَ جي بهتري تبصري نگار
مرحوم امير علي چانڊيي جي نالي،
افسوس جو مان هن جي جيئري هن لاءِ
احسانمنديءَ جو اظهار نہ ڪري سگهيس.

— شيخ اياز

ڪوجھو ڪاڻ مي، آهي اکڙين ۾،
ٿَنُ تماچيءَ ڄام جو نا پُون پايوني،
عشق ايءَ ڪري، ڄِڻ ڄارو ڳُلهي ڪيو!
ڀٽائي

جڏهين چين جي
تائو مَت جي هڪ گروءَ کان پُڇيو ويو:
”تائو ڇا آهي؟“
”پنڌ ڪي ڇِڪ!“ گروءَ جواب ڏنو

سيئي هليا ويا،
پراٽا
ڇاتل سڃاتل ڇهرا!

(انگريزي مضمون نگار: چارلس لئمب)

مناري جي چوٽي تي جهرڪي بہ اُڏامي ويهندي آهي،
فقط عقابَ، آسمانَ ۾ پَر کولي تِڪَ ٻڌي ٻيهندا آهن!
— اياز

- مان سمجهان ٿو تہ مان اڪ ٻوٽ ۾ مري ويندس
ٻِ دير نہ لڳندي، پر جي ڪا دير لڳي تہ مون کي اميد آهي تہ مون
سان ڪائي گڏ هوندي، جا مُون کي هٿ کان جهلي ويهندي،
– نا معلوم

- ڪوئي بہ "فوها" جي ديوارن پرسان نہ ٿو رهي*
اُڪر وارو ڪاناٿون گهر ڪري پيو آهي،
باقي جيڪي رهيو آهي، اُهو سرءُ جو واءُ آهي،
ٻِ ڏنڌ واري سانجهي،
جا گذري ويل ڳالهين جي باري ۾ سوچي رهي آهي
ڪيترو نہ پري آهن اُهي ڳالهيون!
(هڪ جپاني نظم)

- ز بس کہ پیروئ خلق گرہی دارد
نہ می رویم بہ راہی کہ کارواں رفت است!
(خلق جي پيرويءَ ۾ گمراهي آهي، ان ڪري اُن رستي تان نہ
ٿا وڃون، جنهن تان قافلو ويو آهي.)
- تون ئي هيءَ ڪائنات آهين،
ٻِ هيءَ ڪائنات تون ئي آهين!
(هي يوناني شاعر جُئاءِ هارجو (Joy Harjo) جو شعر آهي، جو
نئشنل جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جي رسالي ۾ شايع ٿيل
مضمون "آمريڪا ڪولمبس کان اڳ ۾" جي هڪ تصوير
مثان لکيل آهي.)
مان ڇاجي ڳولا ڪري رهيو آهيان؟
جڻ هڪ طوفان ۾ گهمي رهيو آهيان!
– زين مت جو هڪ شاعر

* فوها: جپان جي هڪ شهر جو نالو

# مهاڳ

منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو خاص طور هي ڀاڱو اُن لاءِ آهي، جيڪو منهنجي شاعريءَ جي پس منظر ۾ دلچسپي رکي ٿو. اهو ناممڪن آهي تہ حافظ جي فقط هڪ ئي محبوبہ شاخ نبات هئي يا غالب جي هڪ ئي محبوبہ لنگهياڻي هئي يا جديد پارت جي ڪوي نرالا جي پريتما فقط مها ديوي ورما هئي. اهڙي دعويٰ تہ ٽالسٽاءِ، جيڪو مسيحيت جو پختو پيروڪار هو، اهو بہ ڪري نہ سگهيو.

جوانيءَ ۾ مون کي قدرت مست سانَ جيتري سگهہ ڏني هئي، جو پوري واڙي لاءِ ڪافي هوندو آهي. آتم ڪهاڻيءَ جي هن ٽئين جلد ۾ ڪوبہ وڏاءُ نہ آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مون گفتگوءَ ۾ ادبي چاشني پيري آهي. مون اجا ڪيتريون ڳالهيون چاڻي واڻي نہ لکيون آهن.جيئن سنڌ جو تاڪئون ذهن تڙڪي نہ پوي، في الحال چئي نہ ٿو سگهان تہ اهي مشاهدا ۽ تجربا اڳتي لکڻ جي جرئت ڪري سگهندس يا نہ؟ ممڪن آهي تہ مان بہ خسروءَ وانگر چوان:

گوري سووي سيج پر، مک پر ڊاري ڪيس ،
چل خسرو گهر اپني سانجهہ ڀئي چؤ ديس.

(خوبصورت عورت سيج تي ستي پئي آهي ۽ هن جي منهن تي ڪارا وار ڦهليل آهن، خسرو هاڻي پنهنجي گهر هل، سانجهي چوڏاري ڇانئجي وئي آهي.)

پر منهنجي دل ائين پاڪيزه رهي آهي، جيئن ماڪ ۾ ڪنول جو گُل هوندو آهي. مان پنهنجي ماضيءَ تي نادم ناهيان ۽ جيڪڏهن مون کي

ڪٿي نہ پهچبو تَڪُ مسافر

زندگي ٻيهر ملي وڃي تہ ان ۾ ٿوري ڪٽ سٽ ڪريان، جو اها هن مسودي کان وڌيڪ خوبصورت لڳي.

پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ سان گڏ پوري دنيا ۽ برصغير جي ڪهاڻي بہ آهي، جا منهنجيءَ شاعريءَ جو پس منظر آهي.

27۔ پرنس ڪامپليڪس
ڪلفٽن ڪراچي سنڌ
6.11.1997

شيخ اياز

# III

اُتم ۽ سندري، سکرِ ۾ اسان جي گهر ۾ پندرهن ڏينهن مهمان ٿي، بمبئيءَ موٽي ويا هئا. سندريءَ کي اسان جي گهرو حالات جو چڱيءَ طرح اندازو لڳي ويو هوءِ زرينا جي اذيت کي چڱيءَ طرح محسوس ڪيو هيائين. هن بمبئيءَ مان هڪ ڪتاب "تالستاءِ جي زال" (Tolstoy's wife) پوسٽ ذريعي مون ڏانهن تحفتاً موڪليو جو نهايت دلچسپ هو ۽ جنهن ۾ ڏيکاريل هو تہ هڪ وڏو اديب پنهنجو سارو وقت پنهنجيءَ تصنيف ۽ تخليق تي صرف ڪري، پنهنجيءَ زال سان بي پرواهيءَ سان هلي ٿو هن لاءِ اذيت جو باعث ٿئي ٿو.

جنهن مهل مان هي ڪتاب لکي رهيو آهيان، زرينا بورچي خاني ۾ ڪڪڙ جو گوشت رڌي رهي آهي. مان پنهنجي ميز تي قلم ۽ نوٽ بُڪ ڇڏي،هن ڏانهن وڃان ٿو ۽ پنهنجين نظرن سان هن جا پير چُهي، ماضيءَ لاءِ دل ۾ معافي وٺان ٿو ۽ پوءِ اچي ميز تي لکڻ ويهان ٿو.

پهرين روزاني برسات جي ڪالم ۾ ڇپيل پنهنجو هيئيون نثري نظم پڙهان ٿو جا صبح سويري اخبار فروش در جي هيٺان وِٽيءَ مان ڦٽي ڪري ويو آهي:

"تيز! تيز!<br>
اچا تيز<br>
واهيون ڏسي نہ ڏر! ڪاهيون ڏسي نہ ڏر!<br>
اي قلم تون سمندِ ناز* نہ آهين.<br>
تيز رفتار رهوار** آهين<br>
اچا تيز!

---

* سمندِ ناز- ناز وارو گهوڙو
** رهوار- گهوڙو

ڏِسُ ڪيرٿر تي جھونجھڪڙو آھي،
باک چاڻ پني،
پنڌ اڃي پُنو آھي،
نيري آسمان تي ڳاڙھاڻ ڇانئجي وئي آھي،
۽ رات گرڙيک وانگر ڏرتيءَ تان وڃي رهي آھي
اڃا تيز!
اڃا تيز ٿيءُ!
منزل ايتري دور نہ آھي
بُک ۾ پياس ۾
ننڊ کي نهوڙي
اڃا تيز ٿيءُ!
منزل ايتري دور نہ آھي
۽ موت تنهنجي تعاقب ۾ آھي.“

مٿيون نثري نظم ڏسي مان ليٽي ٿو پوان ۽ پنهنجي ماضيءَ جي باري ۾ جاڳ ــ سپنا ڏسان ٿو جي سڀ انهيءَ ڪيفيت جي باري ۾ آهن، جنهن جو نانءُ عشق آھي، پوءِ هَوس انهيءَ جو حصو آھي يا نہ!

هن وقت تائين مون اهي سڀ ڳالهيون دل ۾ سانپي رکيون آهن، پر هاڻي جڏهن منهنجيءَ زندگيءَ جو سورج غروب ٿي رهيو آھي، تڏهن مان پنهنجيءَ شاعريءَ جي شائقينن کي اُهي شفق جا رنگ ڏيکارڻ چاهيان ٿو جن منهنجيءَ شاعريءَ کي رڱي ڇڏيو آھي. اُن ۾ مغرب جي جنسيات جو ذڪر بہ ڪيو ويو آھي، جنهن کان سنڌي ماڻهو ناآشنا آهن ۽ سنڌي معاشري ۾ جنسيات جو ذڪر بہ آھي، جو منهنجي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل آھي. مان پلنگ تي ليٽيو پيو آهيان ۽ روزانہ برسات جي اثر هيٺ هڪ جاڳ سپني ۾ ڪوئجي ويو آهيان. ايئن ٿو لڳي تہ مان گهوڙي جون واڳون ڪنهن وڻ سان ٻڌي، هَني تان هيٺ لهي، رڪاب مان پير ڪڍان ٿو ۽ پُٺتي ڏسان ٿو تہ پنڌ ۾ چا چا ڇڏي آيو آهيان. پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ جو بيو حصو مون مغربي مصور بروگيل (Brugel) جي تصوير ”گهوڙي سوار“ وانگر ٺٺ ڪيو هو ۽ اُن تي هڪ وائي، ”موت جو گهوڙي سوار پَر ڪري يالا هٽي ٿو“ بہ لکي هئي، جا تماهي مهراڻ ۾ ڇپي هئي. ڪالهہ اتفاق سان مون

لينن گرادِ جي ڊائريءَ جو پهريون حصو ڳولي لڌو جنهن ۾ سفر جو تفصيلي ذڪر آهي، جنهن مان ڪجهہ ڳالهيون مون پنهنجي حافظي مان اڳئين ياڱي ۾ ڏنيون هيون. وڌيڪ ڳالهيون جي هن ڊائريءَ ۾ شامل آهن ۽ پٺئي ياڱي ۾ نہ ڏنيون ويون آهن، سي هتي ڏيان ٿو. ماسڪو جي ڊائري نہ ٿي لڀي، شايد سکر مان ڪراچيءَ لڏيندي گم ٿي وئي آهي. ماسڪو کان دوشنبي تائين ارينا سان سفر واري ڊائري بہ گم ٿي وئي آهي. ان سفر جو ڪجهہ احوال مون حافظي مان "جڳ مڙيوئي سپنو" ۾ ڏنو هو. مون ان ۾ فقط گل رخسار لاءِ لکيو آهي ۽ اِرينا، جنهن سان منهنجا تعلقات ايترا گهرا ٿي ويا ها، جو ڇوئي موئي سنڌ انهن جي اظهار کي گوارا نہ ڪري سگهي ها. انهيءَ اِرينا جي باري ۾ مون حافظي مان ڪجهہ ڏيڻ نہ چاهيو هو ۽ هاڻي بہ زياده ڪجهہ ڏيڻ نٿو چاهيان.

مان جاڳ سپني ۾ ڏسان ٿو تہ مان سُڪي ڇپر تي ليٽيو پيو آهيان ۽ سوچان ٿو تہ مون کان پٺئي ياڱي ۾ ڇا ڇا رهجي ويو آهي، جو تحرير ۾ آڻڻ ضروري آهي. يادگيريون ترڪٽين مڇين وانگر موتي نہ ايندايون آهن. پاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڻ پسائي هليون ويندايون آهن. ماضيءَ جي ياد انسان کي نئين زندگي ڏيندي آهي، جواني جڻ ڌپئي پير موٽي ايندي آهي، سُڪي ڇپر اوچتو سائي ٿي پوندي آهي.

مان ڏسان ٿو تہ مان تاشقند هوٽل جي بار ۾ ارينا سان گڏ شئمپين پي رهيو هوس. بار مئن اسان جي پرسان اچي ساڳيءَ ميز تي ويٺو ۽ مون کان انگريزيءَ ۾ پڇيائين، "اوهان ڪٿان ٿا اچو؟" مون هن کي چيو تہ "سنڌ مان، جو پاڪستان جو صوبو آهي." ان تي هن چيو "اسان جا وڏا بہ سنڌ ورڪي هيا. اسان تي چار پيڙهيون هتي رهيا آهيون. مان هتي جي پيدائش آهيان ۽ منهنجو نالو آمرانوف آهي." پوءِ هن هڪ ٻن هل جو پئڪيٽ اسان کي تحفي طور ڏنو. مون اهو اِرينا کي ڏنو تہ هوءَ ڏاڍو خوش ٿي. پوءِ مون اِرينا کي چيو تہ بہ شئمپين جون بوتلون ۽ ٻن هل جو هڪ ٻيو پئڪيٽ وٺي مٿي هلي ڪمري ۾ ٿا پيئون؟ هن پهرين پئڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍي دُکايو ۽ اُن جو گهرو ڪش هٽي، ڪجهہ سوچيو ۽ پوءِ "هائو" ڪئي. مان ۽ اِرينا، مون واري بُڪ ٿيل ڪمري ۾ ٻي بجي رات تائين پيئندا رهياسين.

مون جڏهن هن کي ياد ڏياريو تہ پاسترناڪ جي ناول ڊاڪٽر زواگو جي پوئين باب ۾ آهي تہ جڏهن ڊاڪٽر زواگو بس ۾ وڃي رهيو هو تڏهن هن

پنهنجي محبوبہ لارا کي پيهہ مان ويندي ڏٺو جيستائين بس بيٺي، لارا پيهہ ۾ گم ٿي وئي ۽ زواگو جيئن بس مان لهي رهيو هو تيئن هُن کي دل جو دورو پيو ۽ هو زمين تي ڪِري پيو. هن لارا کي ٽن سالن کان پوءِ پهريون پيرو ڏٺو هو. نہ ڄاڻان ڇو اِرينا جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، جي هن رومال سان اُگهي، مون کي ائنا اخمتوا جو هيٺيون نظم انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌايو:

”چمن ۾ موسيقيءَ جا سُر ناقابل بيان غم سان لبريز هُيا،
برف تي رکيل ٿالهي* ڪالو مڇيءَ سان پريل هئي.
ان مان هڪ تازي ۽ تکي سامونڊي هوا اچي رهي هئي.“

هُن مون کي چيو ”مان تنهنجي باوفا دوست آهيان.“ ۽ منهنجي لباس کي ڇُهيائين. هٿن جو ڇُهاءُ هم آغوشيءَ کان ڪيترو نہ مختلف آهي. ايئن ئي تہ ماڻهو بچ وارين سيامي ٻلين ۽ پکين کي ڇُهندا آهن! ايئن ئي تہ ماڻهو سرڪس ۾ سوار ناهوڪين ڇوڪرين کي ڏسندا آهن.

هن جي سانتيڪين ۽ سونهري اکين ۾ رڳو مُرڪ آئي ۽ غم زده وايولن جا سُر ۽ دونهين جي اڏامَ پنيان اچي رهيا هئا!

”مون خدا جو احسان مڃيو تہ پهريون پيرو مان اُن انسان سان اڪيلي آهيان، جنهن سان منهنجي محبت آهي.“ اهو چئي هوءَ صوفي تي ليٽي پئي.

ٻئي ڏينهن مون هن کان مٿيون ائنا اخمتوا وارو نظم پڇي ڊائريءَ تي نوٽ ڪري ڇڏيو.

ماضيءَ جون ڪيل محبتون، ڏؤنرن تي بربلين وانگر موتي آيون آهن ۽ ڇهرا پُسيءَ جي گلن وانگر لهلهائيندا نظر اچن ٿا. موت لڇي ٿي هٿي ويو آهي ۽ اُهي رنگا رنگ گل لتاڙڻ نہ ٿو ڇاهي، جن سان منهنجي پرپور زندگي سَٽي پئي آهي.

ايتري ۾ منهنجي زال روزاني ڊان ڪڻي اچي ٿي تہ هيٺينءَ خبر تي نظر پئي ٿي ۽ منهنجو جاڳ سپنو ٽٽي وڃي ٿو:

”نبي بخش کوسو—

اهم دانشور ۽ اسلام آباد ڪئبينيٽ ڊويزن جو ڊائريڪٽر جنرل، نبي بخش کوسو سومر ڏينهن دل جي بيهجڻ جي ڪري گذاري ويو. هن جي

---

* غالباً روس ۾ برف تي رکيل ڪالو مڇي (Oyster) ايئن ڪچي کائيندا آهن.

عمر 53 ورهيہ هئي. مسٽر ڪوسي پنهنجي زندگي ٽريڊ يونينسٽ ليڊر ۽ صحافيءَ جي حيثيت ۾ شروع ڪئي. هو هفتي وار ”صبح سنڌ“ ۽ روزاني ”آزاديءَ“ جو ايڊيٽر بہ رهيو هو. هن سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي مضمون لکيا هيا. هن ڪجهہ وقت لاءِ وڪالت بہ ڪئي هئي ۽ فيڊرل گورنمينٽ ۾ ملازمت کان اڳ سنڌ گورنمينٽ ۽ پاڪستان ٽيلي ويزن ۾ ملازمت ڪئي هئي. هو سنڌ حڪومت ۾ انفرميشن سيڪريٽري، انٽيريرمنسٽريءَ جو سيڪريٽري ۽ فنانس اسٽئبلشمينٽ جو جوائنٽ سيڪريٽري رهيو هو. اُن کان پوءِ هن کي ويجهڙائيءَ ۾ ڪئبينيٽ ڊويزن جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو هو. اڱاري ڏينهن هن جي اسلام آباد واري گهر ۾ نمازِجنازه پڙهائي ويندي.“

موت ڪئلينڊر ۾ تاريخ ڏسي مقرر وقت يا جڳهہ تي نہ ايندو آهي. موت ڪنهن کان بہ اپائنٽمينٽ نہ وٺندو آهي. مشهور فلسفيءَ جارج سنتيانا چيو آهي:

”موت جو تاريڪ پس منظر زندگيءَ جا نازڪ مزاج رنگ پنهنجي پوري پاڪيزگيءَ سان آڏيندو آهي.“

يوناني فلسفي سوفوڪلس (Sophocles) چيو آهي تہ ”هر آدميءَ کي هڪ ڏينهن ۾ اُياري ۽ لاهي سگهجي ٿو.“

نبي بخش ڪوسو منهنجو پاڙيسري دوست، ساٿي ۽ وڪالت ۾ جونيئر هو. هو ڪنهن وقت سنڌ جي چيف منسٽر مرحوم عبدالستار پيرزادي جي ننڍي فرزند عبدالمجيب پيرزادي جو هم خيال دوست هوندو هو. جنهن وقت نبي بخش منهنجو جونيئر هو، پنهي ساريءَ سنڌ کي سڏ ڏئي سکر ۾ سنڌي شام ملهائي هئي. ليوڪس پارڪ ۾ نهايت عظيم اجتماع ٿيو. جنهن سکر جي بيوروڪريسيءَ ۾ هر غير سنڌي آفيسر کي لوڏي وڌو. ڪجهہ چاپلوس سنڌي وڪيل، بنا اسان جي اجازت جي، سکر جي ڊپٽي ڪمشنر فصيح الدين وردگ وٽ ويا. فصيح الدين وردگ سان گڏ سيشن جج آغا علي حيدر بہ آيو. جو پوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جج ٿيو ۽ ان کان پوءِ پاڪستان جي شريعت بينچ جو جج ٿي رٽائر ٿيو ۽ اُنهيءَ جي هڪ بهاري مهمان ڪي بہ، جو سنڌ هاءِ ڪورٽ جو رٽائرڊ جج هو دعوت ڏئي وني آيا.

اسان جي تقريرن جي وچ ۾ وردگ اُٿي چيو تہ ”مان ڪجهہ چوڻ

چاهيان ٿو.“ پوءِ صدر جي اجازت ڪان سواءِ اسٽيج تي آيو ۽ چيائين، ”هتي ڪوبہ سنڌي نہ آهي، سڀ ٻاهران آيا آهيون. هتان جي سنڌين جي تمام گهڻي اڪثريت هندستان لڏي وئي آهي، شاهہ لطيف جا وڏا بہ تہ سنڌي نہ هئا.“ ان تي مجيب پيرزادي هن کي ڪٽي چيو ”اوهان مهرباني ڪري اسٽيج تان هيٺ لهي اچو جي هر مهاجر شاهہ لطيف جهڙو ٿئي تہ اسان کي قبول آهي.“

وردگ شرمندو ٿي اسٽيج تان لهي آيو ان کان پوءِ ڇا ٿيو ان جو سربستو احوال مون ”ساهيوال جيل جي ڊائريءَ“ ۾ ڏنو آهي.

بهرصورت، نبي بخش کوسو جنهن ۾ ڪافي زندگي ۽ زنده دلي هئي، اتفاقاً يا پنهنجو وقت پورو ڪري گذاري ويو. مون کي بوڏي ڪتاب ”ڏمپد“ مان ڪجهہ ياد آيو ”سرير مري وڃي ٿو پر آتما کي پوريو نہ ٿو وڃي.“ ”ڏمپد“ منهنجو دل پسند ڪتاب آهي، جنهن کي پڙهي مان ايترو متاثر ٿيو هوس، جو اُن کي ساميءَ جي نالي سلوڪن ۾ نظمايو هيم.

نبي بخش غالباً ٽي ڀيرا شادي ڪئي هئي. هن جي پوئين زال ڪائي سرڪاري آفيسر هئي. هو چوندو هو تہ ”ڪوئي سپاهي مرڻ کان سواءِ نہ ٿو ٿي سگهي ۽ عاشق ٽڏي ساهہ پرڻ کان سواءِ.“ ۽ ٻي ڳالهہ جا هو ڪندو هو سا هئي، ”عورتون جيترو اسان جون آهن، اوترا اسان اُنهن جا نہ آهيون.“ هو اِهو بہ چوندو هو تہ ”شادي هڪ پڃري وانگر آهي، جنهن مان ٻاهران بيٺل پکي اندر وڃڻ چاهن ٿا ۽ پڃري ۾ اندر قاٺل پکي ٻاهر اچڻ چاهن ٿا.“ نہ ڄاڻان تہ اُهي لفظ هن جا هئا، يا هن ڪنهن اديب تان ورتا هئا.

نبي بخش پوئينءَ شاديءَ کان پوءِ اسلام آباد ۾ ڪنهن بنگلي ۾ رهندو هو جڏهن مون لاءِ ”هلالِ امتياز“ جي اعزاز جو اعلان ڪيو ويو هو تڏهن هو مون وٽ روزاني برسات جي آفيس ۾ آيو هو. مان برسات جو چيف ايڊيٽر هوس ۽ ڏينهن رات پورهيو ڪري، مون اُن ۾ ڪيئي ايڊيٽوريل، ڪالم ۽ مضمون لکيا هئا، جي برسات ۾ ڇپيا ها. هو مون وٽ برسات جي آفيس ۾ آيو ۽ چيائين، ”استاد! اسلام آباد ۾ تون منهنجي بنگلي ۾ رهي سگهين ٿو جو خالي پيو آهي، مان تولاءِ بورچي ۽ ڪار بہ مهيا ڪري سگهندس.“ هن جون ٻيون بہ ڪيئي ڳالهيون ياد اچن ٿيون، جي مان اڳ ڪتابن ۾ لکي چڪو آهيان.

مرحوم نبي بخش کوسي کي پيءُ ماءُ، اوڙو پاڙو ۽ ڪلاس فيلو پيار مان نبو ڪوٺيندا هئا. جڏهن نبي بخش کوسو منهنجو جونيئر هو، تڏهن عطا محمد ميمڻ مون وٽ ٽائيپسٽ هو. پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ هن کي منهنجو پي. اي مقرر ڪيو. هڪ ڀيري نبي بخش کوسو اوچتو وي.سي آفيس ۾ آيو ۽ مون کي غصي سان چيائين، "استاد! هن عطو ڪوريءَ (عطا محمد ميمڻ) کي سمجهاءِ تہ مون سان فضيلت سان ڳالهائي، هو مون کي نبو کوسو ڪوٺي ٿو. هن کي خبر نہ آهي تہ کوسي ہروچ کي بگهڙ واري ڪٽي رت ٽيندي آهي، ڇيري ڦاڙي ڇڏيندوسانس!"

عطا محمد ميمڻ سال ڏيڍ اڳي گذاري ويو اُن وقت هو سنڌ گورنمينٽ ۾ ڊپٽي سيڪريٽري هو. نبي بخش کوسو ڪالهہ گذاري ويو. هاڻي نبو کوسي ۽ عطو ڪوريءَ کي مٽيءَ هڪ ڳرو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪوئي ڏاڍو يا هيٺو اوچ نيچ نہ رهيو آهي. مون کي بُلهي شاهہ جي ڪافي ياد اچي رهي آهي:

"وه وا، ماٽي دي گلزار.
ماٽي گهوڙا، ماٽي جوڙا، ماٽي دي اسوار.
ماٽي ماٽي نون دوڑائي، ماٽي دي کڑڪار.
ماٽي ماٽي نون مارن لگي، ماٽي دي هٿيار.
وه واه، ماٽي دي گلزار.
(واهہ واهہ، مٽيءَ جا گلزار!
مٽي گهوڙو مٽي جوڙو مٽيءَ جا هسوار
مٽي مٽيءَ کي ڊوڙائي، مٽيءَ جي کنگهہ ڪار
مٽي مٽيءَ کي ٿي ماري، مٽيءَ جا هٿيار
واهہ واهہ مٽيءَ جا گلزار)

مٽيون شعر ياد آيو تہ سمير ڪان موهن جي دڙي تائين تاريخ اکين اڳيان ڦري وئي، يا بُلهي شاهہ جو هڪ ٻيو شعر:

خاڪي خاڪ سيئون رَل جانا، تو ڪَڍِي تان هوءِ سيانا.
(خاڪي، خاڪ منجهہ ملي وڃڻو آهين، تون ڪڏهن تہ سياڻو ٿيءُ!)

اِهي سڀئي نبي بخش کوسو ٻڌي ها تہ ٿهڪ ڏئي ها ۽ عطا محمد ميمڻ ٻُڌي خاموش ٿي وڃي ها.

مرحوم نبي بخش کوسو نهايت ذهين ۽ وسيع مطالعي وارو ماڻهو هو. موت جي باري ۾ هو هڪ ڪميونسٽ وانگر بظاهر بي پرواهي ڏيکاريندو هو. ہ تي پيرا مون کي چيوهئائين تہ "مان توکي ۽ سوڀي کي پيءُ وانگر سمجهندو آهيان."

آخري ملاقات ۾ مون کي هُن چيو هو "استاد! مان ڪميونزم کي خيرباد ڪئي آهي، هاڻي فقط بيورو ڪريٽ آهيان."

هُن هڪ پيري مون کي يوناني فلسفي ايپي ڪيورس جو قوُل ٻڌايو هو "موت کان سيني کي خوف ٿيندو آهي، سواءِ منهنجي، ڇو تہ جيستائين اسان جو وجود آهي، موت موجود نہ آهي ۽ جڏهن موت موجود هوندو، اسان جو وجود نہ هوندو." پوءِ کلي چيوهئائين تہ "ان ڪري موت جو خوف اجايو آهي."

ٻئي پيري هن بائيبل مان مون کي هڪ فقرو ٻڌايو هو تہ "هر ماڻهو ناس ٿيڻو آهي ۽ ماڻهو پيهر مٽيءَ ڏانهن موٽي ويڻو آهي." اهو ٻڌائي مون کي وڏيڪ چيوهئائين تہ "استاد! توکي موت جو سوداءُ تي پيو آهي ڇا؟"

مون هن کي جواب ڏنو هو تہ "آخر ڇونہ ٿئي!؟ اهو ئي اهم ترين سوال آهي تہ هن زندگيءَ کان پوءِ ڇا آهي؟ ڇا موت ٿورو دم (Comma) آهي يا اڌ دم (Semi Colon) آهي يا پورو دم (Full stop) آهي؟ مان تہ ياڻيان ٿو تہ زندگيءَ جو سفر طويل تر آهي ۽ ايترو مختصر نہ آهي، جيترو دهريا سمجهن ٿا." مون هن کي وڌيڪ چيو تہ "تنهنجي گهر ڪتابن جا ڍير پيا هئا. انهن مان مون دورِ جاهليت واري عرب شاعر امراء القيس تي اردوءَ ۾ هڪ ڪتاب سفر ۾ پڙهڻ لاءِ کنيو هو."

"استاد امراء القيس وانگر پرائي خيمي ۾ گهري وڃڻ جي عادت اجا اٿي ڇا؟" نبي بخش ٺهڪ ڏئي چيو.

"ڇڱو نبو کوسا، پيارا ياءُ، في الحال الوداع!"

" طوبيٰ جي سائي ۾منهنجو انتظار ڪجانءِ! عطو ڪوريءَ جي توسان بہ ڪوثر جي ڪناري ٿهلندي ملاقات ٿي ويندي."

هاڻي مان ان سوال جي اڌ جواب جو چشم ديده گواهہ آهيان، ڇوتہ پوئين پيري مدايسٽ اسپتال ۾ منهنجي نبض ۽ دل جي دڪ دڪ هڪ منٽ لاءِ بيهجي وئي هئي ۽ ڊاڪٽرن جي تجزئي موجب، مان مري چُڪو هوس.

ان منٽ ۾ مون جيڪي ڏٺو اُهو مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي، جو ڪجهہ وقت کان پوءِ لکندس.

منهنجي دوست مرحوم ڊاڪٽر مهڪريءَ جي دل کي ڌڙڪندو رکڻ لاءِ، هن جي ہانهن ۾ ٽي پيرا بئٽري وڌي وئي هئي، ايئن ڪرڻ لاءِ هن کي ڪجهہ وقت بيهوش ڪيو ويو هو. جڏهن پهرين پيري هن کي هوش آيو هو تڏهن ڊاڪٽر هن کان پڇيو هو تہ "مهڪري صاحب! بهشت جون ڪي حورون ڏٺئہ؟"

مهڪري، جو تيز حاضر جواب هيو اُن چيو: "ڊاڪٽر! هن زندگيءَ جي احمرين شراب جهڙي ڪائي شيءِ نہ آهي." مان بہ ايئن ئي سمجهندو آهيان، مون ۾ خيام جي روح جو واسو رهيو آهي ۽ زندگي نہ رڳو لهو ولعب ۾ گذري آهي، پر زمان ۽ مڪان، زندگيءَ ۽ موت، حسن ۽ عشق تي بہ ڪافي غور ڪندي گذري آهي. امراءُ القيس جيئرو هجي ها تہ منهنجو جُهٽ هجي ها ۽ اسان گڏجي پراوا خيما ٽپون ها. مون کي ياد آيو تہ مان جڏهن مئٽرڪ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن هڪ ماهيڙياڻي ڇوڪري پنهنجي ماءُ سان گڏ، روز اسان کي گهر ۾ مکڻ ۽ لسي ڏئي ويندي هئي. هو اسان جي گهر جي ڏاڪڻ مان مٿي تي چاڏيون کڻي ايندي هيون. ان وقت اسان جي گهر سان لاڳيتو نم جي اوچي وڻ ۾ بُربليون ٻوليندڙيون هيون ۽ نوريئڙا ڪنهن ماهر بئلي ڊانسر وانگر ٽپا ڏيندا هئا. هنن جي اچڻ سان باک وڏيڪ اُجري ۽ سُريلي ٿي ويندي هئي. هڪ پيري مان اسڪول ڏانهن وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيو هوس تہ فقط ماهيڙياڻيءَ جي ڌيءَ چاڏي مٿي تي کڻي، ڏاڪڻ تان اڪيلي چڙهي رهي هئي. منهنجي پيچڻ تي هن ہڏايو تہ هن جي ماءُ کي تَڏ ـ تپ ٿي پيو آهي. مون هن جو منهن پنهنجي هٿن ۾ جهلي اُن کي چُميو. هن جا ڳل تازيءَ لسيءَ جهڙا سفيد، نرم ۽ ملائم هُئا ۽ هوءَ تازي ڪتَل جهڙي مني ٿي لڳي.

جڏهن مان بي. اي ۾ هوس تڏهن مٿيون واقعو ياد ڪري جان گالز ورديءَ جي هڪ ناول ۾ هيٺين سٽن تي ڳاڙهو نشان ڏئي ڇڏيو هوم:

"هن کي اهو ويچار ڏاڍو ڏکوئي رهيو هو تہ جتي بہ سونهن آهي، اُتي ڪائي بہ ڳالهہ سڌي سنواتي نہ ٿي ٿئي، اهو ئي سبب آهي، جو اهڙيءَ ڳالهہ کي ڪيئي ماڻهو ڪلچڻائي ۽ بدڪرداري چوندا آهن."

محبت سراپا ثواب آهي. اُها گناهہ ٿي نہ ٿي سگهي. اُها روح جو پاڪيزه ترين جذبو آهي.

هر سال وانگر، هڪ پيري مستونگ جي هڪ ٻروچياڻي پنهنجي ڌيءَ اناران سان گڏ اسان وٽ سُڪل ڳاڙها ٻير ۽ اچا توت کڻي آئي. پيرن تائين پريل ڪاري پٽ جي گهگهي، اناران کي شهتوت جي تاري ٻٽائي چڙيو هو. هن کي ڏسي منهنجو من ڪنهن بکايل پکيءَ وانگر تي لڳو. هن جي خوبصورت اکين ۾ رات جي پوئين پهر جي تڏاڻ هئي. هن پيري ٻروچياڻيءَ امان کي چيو تہ، "پيڻ، توکي هيءَ پٽ جهڙي پنهنجي ڌيءَ، پُٽ لاءِ مفت ۾ ڏيان ٿي. هونءَ تہ مون کي مستونگ ۾ هن لاءِ پنج سئو کان هزار ربئي تائين ملي ويندا." امان جيستائين هن کي جواب ڏئي، تيستائين بورچي خاني ۾ گوشت سڙڻ جي بوءِ آئي. امان تڪڙي اوڏانهن وئي تہ ٻروچياڻي بہ هن جي پٺ تان وئي. گوشت کي پُچٽي ڏئي، امان ٻروچياڻيءَ سان ڳالهائيندي ٻاهر نڪتي. ان وچ ۾ منهنجن هٿن ۾ سُرسُر ٿي رهي هئي، جي مون اناران جي گهگهي تي گهمايا، جنهن جي هيٺان ڳاڙهي ٻير جيترا اُرهہ ساماٿا ها.

منهنجي ماءُ ٻروچياڻيءَ سان ورجاءُ ڪندي اڱڻ ۾ آئي، جتي مان ۽ اناران بيٺا هياسين. اناران شرم ٻوٽيءَ وانگر مرجهائجي وئي هئي. امان ٻروچياڻيءَ کي چئي رهي هئي، "پيڻ، مون پنهنجي پُٽ لاءِ چنڊ جهڙي ڪنوار پنهنجن ۾ اڳيئي چونڊي آهي." ان تي ٻروچياڻيءَ چيو "منهنجي ڌيءَ ساماڻي آهي، اُها هاڻي نڪاح ۾ وٽ، پوءِ پنهنجن مان بہ شادي ڪرائجانس. مُڙس بہ ٻہ، ٽي ٽي شاديون ڪندا آهن. اناران ڪا وِنڌ وَتي، ساڙ سڙي، ڪِرڪِري يا جهيڙي جهڳي واري نہ آهي." جڏهن منهنجي ماءُ صفا نابري واري، تڏهن اناران جو منهن پوهہ ۾ تاريءَ وانگر مرجهائجي ويو. هن ويندي وقت مون کي اکين سان ميار ڏني تہ تنهنجي ماءُ کي منهنجو سگ نہ گهربو هو تہ تو مون کي ڇالاءِ ڇُهيو؟

اها بہ منهنجي معصوم عاشقي هئي، جنهن ۾ هٿ ڇوهي ضرور هئي، پر ڊوهي ڪانہ هئي.

ڪجهہ سال پوءِ جي ڳالهہ آهي، گائتري جا آلمورا جم ـ ـ ڪ نرتڪي هئي ۽ اُدي شنڪر انسٽيٽيوٽ ۾ رقص سکندي هئي، اُن سان شڪارپور جي هڪ پروفيسر جو عشق ٿي ويو ۽ هو وئڪيشن ۾ هر سال هن سان ملڻ لاءِ

آلمورا ويندو هو. اُن وقت منهنجي ڦوهہ جواني هئي ۽ ٻچپن جي مٺان مڇڻ جي ريهہ لهي چُڪي هئي. گائتري مون وانگر لڳ ڀڳ اُٺويهين ويهين ورهئين جي هئي.

گائتريءَ کي ساري، غالب جو هي شعر ياد ٿو اچي:

چلا ہے عشق تو پھر بھی جل گیا ہوگا
کرید تے ہو جو اب راکھ جستجو کیا ہے؟

(جي عشق جلي ويو تہ دل بہ جلي وئي هوندي
هاڻي رک کوٽي ڇا ٿو ڳولين؟)

پر اها انسان ۾ جبلت آهي تہ هو ماضيءَ جي رک کوٽي، پوءِ اُن ۾ ڪائي چڻنگ رهي هجي يا نہ! جڏهن مان انٽرميڊيئيٽ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن منهنجا انگ سارو وقت آٽيل هوندا هئا، اها خوش فهميءَ جي نشاني نہ آهي تہ ان وقت مون کي چڱو رنگ روپ هوندو هو ۽ منهنجو بدن ڪيلي جي وڻ وانگر سائو ۽ ڳروارو لڳندو هو.

گائتري اسان جي منطق جي پروفيسر جي زال هئي، جو انٽرميڊيئيٽ ۾ منطق ۽ بي.اي ۾ فلسفو پڙهائيندو هو. هن جو گهر اسان جي گهرن کان اتڪل بہ سئو قدم پري هوندو هو. مان اڪثر هن جي گهر ويندو هوس ۽ هو مون سان سقراط کان وٺي اسپنوزا، برڪلي ۽ ڪانٽ تائين فلسفي تي گفتگو ڪندو هو. هن يوگ ۽ يوڳ ولاس جو بہ ابياس ڪيو هو. هو روزانو ڪيئي يوگ آسڻ ڪندو هو.

نيٺ هو ان گلابي رنگ واري گائتريءَ سان آلمورا مان وِواهہ ڪري آيو. پوءِ اسان کي خبر پئي تہ هر سال هو آلمورا ايئن ويندو رهيو هو جيئن وَهيا ڪارڪن لاءِ دور دراز علائقن مان ايندا آهن.

گائتري اُن سال پوري نرتڪي ٿي نڪتي هئي ۽ ڪٿڪ، ڪٿڪليءَ ۽ ڀارت نٽيم ناچ ۽ ڪلاسيڪي سنگيت تي مهارت حاصل ڪئي هئائين. هوءَ مالڪوس ۽ ڀيرويءَ جي ماهر بہ هئي. پاڻ گجراتي هئي ۽ گجرات ۾ گربو ناچ بہ سکي هئي. هوءَ گلابي انگي ۽ نارنگي ساڙهي پائيندي هئي، جي هن جا من پسند رنگ هوندا هئا، پر ڪڏهن ڪڏهن اڇي ساڙهي بہ پائيندي هئي ۽ ڪنول جي گل وانگر لڳندي هئي.

پروفيسر رستي ويندي مون کي ٻڌائيندو هو تہ ويريہ ۾ ٻار جي جنم لاءِ جيڻ (Cell) پندرهن ڏينهن ۾ هڪ پيرو پيدا ٿيندو آهي ۽ ان ڪري هو زال سان هر پندرهين ڏينهن سنجوڳ ڪندو آهي. هو هر روز پنجين بجي شام جو ٽينس جي رئڪيٽ کڻي ڪاليج جي پلي گرائونڊ تي ويندو هو ۽ مون کي ساڻ کڻندو هو ۽ ڪيٽرن ئي فلاسافرن جي باري ۾ لطيفا ٻڌائيندو هو. هڪ پيري هن جرمن فيلسوف ڪانٽ جي باري ۾ ٻڌايو تہ ڪانٽ چڙي کڻي گهمڻ نڪتو. هو ايترو خود فراموش هو جو جڏهن موٽي آيو تڏهن چڙيءَ کي پنهنجي بستري تي سمهاري، پنهنجي تنگ چڙيءَ جي پوش ۾ ٿي وڏائين. پوءِ ٺهڪ ڏئي چيائين، "متان مون کي ايئن سمجهين؟"

گائتريءَ جو جوبن ڦاٽي رهيو هو. هن جون ڇاتيون ٿنڌاري ڏاڙهن وانگر ٿي ويون هيون، جي روز بروز انگيءَ مان وڏيڪ سخت ۽ سوٽ نظر اينديون هيون. هوءَ قد جي پوري ساري هئي ۽ ناچ جي ورزش ڪري هن جو سرير سڊول ٿي پيو هو.

هڪ ڏينهن پروفيسر پنجين بجي رئڪيٽ کڻي پلي گرائونڊ ڏانهن هليو ويو هو. مان ساڍي پنجين پهتس .مون لاءِ گائتريءَ در کوليو ۽ مون ڏٺو تہ اڇيءَ ساڙهيءَ ۾ هوءَ مانسرووور جي ڪنهن هنس وانگر لڳي رهي آهي. ائين ٿو لڳي جڻ هُن جا ڏاڙهون ڏري انگيءَ کي ڦاڙي وجهندا. منهنجون نگاهون هن جي ڇاتيءَ تي رِوٽ ٿي ويون. منهنجيءَ ٽڪٽيءَ هن ۾ ڪائي چقمق جهڙي چڪ پيدا ڪئي.هن پڇيو تہ "ناچ ڏسندين؟" مون چيو تہ "ها." هن ساڙهيءَ جي لانگ ورائي، جنهن مان هن جا ٽڙا وڏن ڪُپن وانگر ٿي لڳا.

هن مون کي پارت نٽيم ناچ ڏيکاريو. هن ۾ آويءَ وانگر جر جرڪي رهي هئي. هن جون مدرائون ڏسي مان موهجي ويس ۽ هن کي هَوسناڪ اکين سان ڏٺم.

هن مون کي کٽ جي پٿاريل چادر تي ليٽائي چيو"هاڻي مان توکي پرڪرتيءَ جي نرت تي ڏيکاريان، جا مون فقط پنهنجي پتيءَ کي ڏيکاري آهي." نيٺ هوءَ مون کي باربار چميون ڏئي، ڏرڙي ڪائي، ليٽي پئي.

"پرڪرتي ڇاکي چوندا آهن؟" مون هن کان پڇيو.

هن مون کي انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو:

"The Personified will of the supreme being in creation or being in the original or natural state."

مون گائتريءَ کي چيو تہ اهي لفظ مون کي ڪاغذ تي لکي ڏي. هن کي هڪ بخمل جي سرورق سان نوٽ بڪ هيو جنهن تي هن اهي لفظ مون کي لکي ڏنا. پوءِ هن چادر بدلائي هئي.

ان کي ساري مون کي عربيءَ جي هڪ شعر جو اردو ترجمو ياد اچي رهيو آهي:

”مون وٽ عشق تڏهن آيو جڏهن مان چاڻان بہ نہ پيو تہ عشق ڪهڙي شيءِ آهي، اُن لاءِ جڏهن جڳهہ خالي تي آهي، تڏهن پلٽي ماري ويهي رهيو.“

مون محسوس ڪيو تہ انساني جسم ڪان سواءِ عشق هڪ خوشبو جو جهوٽو آهي، جنهن کي پوپٽ جا پَرَ ڇُهي بہ نہ تا سگهن! عشق انسان کي ”قيدِ حيات ۽ بندِ غم“ مان نجات ڏئي ٿو. هَٽ ڪنهن جي ماسِيري ڇُهاءَ سان سماج جون وڏل هٿڪڙيون ٽوڙي ڇڏن ٿا.

اُن ڪان پوءِ مان پيپل جي ٽڙ پنيان ڇُپي بيهندو هوس ۽ جڏهن پروفيسر رئڪيٽ ڪٽي نڪري ويندو هو، تڏهن ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مان گائتريءَ جو در ڪڙڪائيندو هوس. هن کي ريشمي چولي ۽ پڙو پيو هوندو هو ۽ مان هن سان پرڪرتيءَ جي نرت ۾ شامل ٿيندو هوس، جيستائين ڪاليج جي وئڪيشن ٿي ۽ گائتري ۽ هن جومڙس آلمورا هليا ويا.

گائتري ڪيڏو نہ پيارو نالو هو! شيڪسپيئر روميو جيولٽ ۾ چيوآهي تہ ،”نالي ۾ ڇا رکيو آهي، اسان جنهن شيءِ کي گلاب جو گل ڪوٺيون ٿا، جيڪڏهن اُن تي ٻيو ڪو نالو رکون، تڏهن بہ اُهو ساڳي خوشبوءِ ڏيندو.“ پر گائتريءَ جي نالي ۾ جا سڳنڌ هئي، اُها مون کي ٻي ڪنهن جي نالي مان نہ آئي آهي. مون جڙ هن جي نانوَ جي ساري عمر سمرٽي سوري آهي!

جڏهن گائتري موٽي آئي، تڏهن هن کي اٽڪل ٻن مهينن جو گرڀ هيو. هن جو مڙس ۽ مشهور رقاص غالباً رام گوپال (شايد گهنشام) بہ هن سان گڏ آيا هئا. هنن جي ڪلا کي ڏسڻ لاءِ سي ائنڊ ڪاليج ۾ فنڪشن رکيو ويو. ٻنهي اسان کي پارت نيٽم ناچ ڏيکاريو. گائتري جنهن ۾ نم جي ڇهي جهڙي لچڪ هوندي هئي، ناچ ڪندي ڏکيائي لڪائي رهي هئي.

مان اسٽيج جي پرسان بيٺو هوس، جيئن ئي گائتري هيٺ لٿي، تيئن هن مون کي پاسيرو ڪري چيو تہ ”هاڻي تون نہ اچجانءِ پروفيسر کي شڪ ٿو پوي“

ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ مان پنهنجي دوستن محمود علي شاهہ بخاري ۽

ممتاز جعفريءَ ۽ انهن جي هڪ ليڪچرار دوست (جو ڪچهہ خاني جو رسيَا هو) هاسٽل جي ڪمري ۾ ويٺو هوس، هن جو پورو نالو وسري ٿو وڃي شايد هو بٺاڻي هو. هو اسان سان ڪافي بيئر پي ويو هو پنهنجي خمار ۾ اچي هن ٻڌايو تہ گائتريءَ جي مڙس بمبئيءَ ۾ پنهنجي چڪاس ڪرائي هئي ۽ ڊاڪٽرن هن کي چيو هو تہ "توکي اولاد نہ ٿيندي" ان وقت مون سمجهيو هو تہ گائتريءَ ۾ هن جي شڪ جو سبب ڇا هيو!

محمود علي شاهہ بخاريءَ ۽ ممتاز جعفريءَ تي مان پوءِ لکندس. بخاري سيشن جج تي رٽائر ٿيو ۽ حيدرآباد ۾ گذاري ويو. هن جي ڌي، جا مون وٽ نوڪري لاءِ آئي هئي، تنهن مون کي تار جي ذريعي ڪراچيءَ ۾ هن جي وفات جو اطلاع ڏنو هو.

ممتاز جعفري آهي تہ لاڙڪاڻي جو پر هن جي ڪرستان زال ڪراچيءَ جي آهي ۽ هو مستقل طور ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو آهي. اٽڪل مهينو اڳ، عبدالحميد ابڙو مون کي هن جي گهر وٺي هليو هو. هن جو احوال بہ پوءِ لکندس.

"ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ۾ سُر سسئيءَ جي پهرين باب جا ڪجهہ بيت مون گائتريءَ کي ياد ڪري لکيا آهن. مثال طور:

جوين پهريون راتڙيون، وسيهر جا ونگ،
جن ۾ آتيل انگ، چئن نہ پائن بند ۾.

نرتڪي پهرين عورت هئي، جنهن منهنجي الهڙپڻي مان مون کي چرڪ ڀرائي جاڳايو هو ۽ بگهاڙيءَ وانگر مون کي چيچاڙيو هو. هن کي ساري مون تي ڪافي وقت لاءِ امير خسروءَ جي هيٺين سٽ واري ڪيفيت ڇانيل هئي:

"نہ نيند نينان، نہ انگ چئنان، نہ آپ آوي، نہ بهيجي پتيان."

مون تي جوين ڏوڙئي جي واچوڙي وانگر آيو هو ۽ ڪيئي عورتون اُن ۾ پکين جيان اُڏري آيون هيون، انهن کي ياد ڪري مون "سُر سسئي" ۾ هڪ بيت لکيو هو:

"جهُڙ ڦڙ، جهور جهڪور، جوين آگم ڏينهڙا،
جر ٿر بونديون بود ۾، من ۾ نچي مور،
اکيون ڳڪرن ڪوَر سارنگ سرجن ساهہ ۾."

گائتري ۽ رام گوپال جو ڪاليج جي اسٽيج تي ناچ ياد ڪري مون ڪي پنهنجي نظم "گيت اُڃايل مورن جا" تي شيما ڪرمانيءَ جو ناچ ياد آيو جا پاڪستان جي واحد ڪلاسيڪي رقاصہ آهي. اُن سان گڏ منهنجو ڊرامو "دودي جو موت" بہ اسٽيج تي آندو ويو هو جو نثار حسينيءَ ڊائريڪٽ ڪيو هو ۽ جنهن ۾ سندس گهرواري زيب نظاماڻيءَ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو هو جنهن جي باري ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ هڪ خوبصورت بروشر بہ ڪڍيو هو پر مان وقت ۾ لانگ جمپ (وڏو ٽپو) ٿو ڏيان. اهو بروشر 12 مئي 1992ع تي ڪڍيو ويو هو ۽ ان جو انگريزيءَ ۾ عنوان هو "A Tribute to Shaikh Ayaz"، ان لاءِ مان شاعره عطيہ دائود ۽ هن جي مڙس خدا بخش ابڙي جو ٿورائتو آهيان. جن اُن فنڪشن ۾ نهايت سرگرم حصو ورتو هو. عطيہ دائود جي نثري نظمن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو منهنجي دوست اسلم فرخيءَ جي پٽ آصف فرخيءَ ڪيو آهي. ان فنڪشن ۾ منهنجو دوست لڇمڻ ڀاٽيا بہ ويٺل هو جو آمريڪا وڃي رهيو هو ۽ ڪراچيءَ ۾ ٽرانزٽ ويزا تي ترسيل هو.

مان جنهن دؤر مان گذريو آهيان ۽ جنهن دؤر مان ويهين صدي گذري آهي، اُن ۾ عشق ئي انسان جي بهترين نجات هئي. اِن ۾ اوشوءَ سان مان بلڪل مُتفق آهيان.

فارسيءَ جي شاعر رفيق جو هڪ شعر آهي:

خوشم کہ شوق شکارم نہ رفت از دلِ تو
ہزار بار گرم بستی ہر رہا کردی.

(انهيءَ تي خوش آهيان تہ تنهنجي دل مان منهنجي شڪار جو شوق نہ ويو
توڙي هزار ڀيرا مون کي ٻڌي تو آزاد ڪيو آهي.)

هر محبت جي پڄاڻيءَ کان پوءِ، مون اُن کي شاعريءَ ۾ ائين زندهہ جاويد ڪري ڇڏيو آهي، جيئن صنم تراش ڪنهن عورت کي پٿر ۾ زندهہ جاويد ڪري ڇڏيندو آهي.

منهنجو نظم "ننڍا ڪڙيون نچڻيون"، جو "پؤنر پري آڪاس" ۾ ڇپيو آهي، اُن ۾ ٽئڪسيلا جي نچڻين سان گڏ گائتريءَ جي سار بہ هئي. شاعري

عاشقيءَ کي ديدني بڻائي ٿي ڇڏي. نہ ڄاڻان تہ ٻڌ کي ٻوڏي وڻ هيٺان اُهي نچڻيون ڇو ياد آيون هيون، جي هن پنهنجي محل سرا ۾ ڏٺيون هيون ۽ جي هن جي جپ تپ ۾ ڀنگ وجهي رهيون هيون!

منهنجي نظر ۾ عشق ڪيئي ننڍا موت آهي، جڏهن ڪنهن پياريءَ جي سار اچي ٿي، تڏهن وقت جي رفتار بيهجي وڃي ٿي. ڪرشن گوپين جا لٽا چورايا هئا، جڏهن هو ورنداوَن ۾ رسان سنان ڪري رهيون هيون؟ ڇا مُرلي وارو بہ مون وانگر گيت ڪار هو؟

محبت ۾ مستقل مزاجي هجي، پر ان تي زنجير ضروري نہ آهن. جي نندجو لال پاڻ تي اِها پابندي وجهي ها تہ گيتا جهڙو شاهڪار تخليق نہ ٿي سگهي ها!

بائيبل ۾ سليمان جي گيت ۾ آهي، ”ڪيئي کوهہ پيار جي پياس ٻُجهائي نہ ٿا سگهن ۽ نہ ڪائي ٻوڏ اُن کي ٻوڙي سگهي ٿي.“

ڪنهن دور ديس جو پهاڪو آهي تہ، ”لطف، جو ڪنهن سان پيار ڪرڻ ۾ آهي، اُهو پاڻ سان ٻئي ڪنهن جي پيار ڪرڻ ۾ نہ آهي.“

اهو لکي، مون کي گوپيءَ نالي هڪ ڇوڪري ياد اچي ٿي. مان ڪڏهن ماضيءَ مان حال ۽ مستقبل ۾ ٽپو ٽو ڏيان، ڪڏهن حال ۽ ماضيءَ ۾ موٽي ٿو اچان، ڇو تہ مون تاريخ وارڪائي ڊائري نہ لکي آهي ۽ نہ اُن وقت برصغير جو ڪوئي مصنف تاريخ وار ڊائري لکندو هو.

گوپي مون تي اکن ڇڪن تي پئي هئي. هن جو گهر اسان جي پاڙي جي پٺيان گهٽيءَ ۾ هو جڏهن بہ مان انهيءَ گهٽيءَ مان لنگهندو هوس، هوءَ گهر جا بہ ٽي ڏاڪا تيزيءَ سان لهي ايندي هئي ۽ چوندي هئي: ”بيهہ تہ سهين!“ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي گهر هليو ويندو هوس. سارو ڏينهن هوءَ مون تي پنڀوريءَ وانگر پيرا ڏيندي هئي. هوءَ رنگ جي گوري هئي ۽ نئڻن ناسپاتين جيترا اُرهہ هن جي قميص مان نظر ايندا هئا. هن جو رنگ ترمغزيءَ جهڙو هو. پرسان رهندڙ ڪنهن سيٺ شيام لال جي سانوري، چمون رنگ جي ڌيءَ، هن جي سکي هئي. ڪنهن ڪنهن وقت ٻئي ٽِڪيءَ جي ڪوٺي تان مون کي نالي سان سڏي پلوپڙي جي پٽ هيٺان ڇُپي ويندليون هيون ۽ مان ڪتاب مان ڪنڌ ڪڍي ٽِڪيءَ جي ڪوٺي ڏانهن ڏسندو هوس تہ هو اُپيون ٿي بيهنديون هيون ۽ گوپي پنهنجي ڇپن تي هٿ لائي مون

ڏانهن پريان ڪان چُمي اُماٽيندي هئي. جوين جي اُسات کي ڪيڏيءَ نہ امرت رس جي ضرورت آهي! پر هن جي ايتري ڪِئِ پوڻ سبب مون کي هن سان پيار نہ ٿيو توڙي هن جي زيتوني رنگ وارن ڳلن ۾ ڏاڍيون پياريون ڪڏون پونديون هيون.

اسان جي گهر ۾ پاڻيءَ جو پمپ لڳل هو جنهن کي گيڙڻ سان جر جو ٿڌو پاڻي ايندو هو. ٻاهر لوءَ ٿي لڳي ۽ اُس ۾ ڪانوَ جي اک ٿي نڪتي. ڪجهہ اُستا اسان جي گهر جي پاڙ پُشتي ڪري رهيا ها. مان پمپ کان ٿورو پري ڪليل دروازي وٽ ويٺو هوس تہ گوپيءَ مون کي ڏسي ورتو. هوءَ گهر ۾ گهڙي آئي ۽ چيائين تہ, "مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي, پمپ هلاءِ تہ مان ٻُڪ ۾ پاڻي پيان." مون پمپ هلايو تہ هُن پاڻي پيتو. اُستن ڦيريون پيرو تہ هن ڏانهن ڏيان نہ ڏنو مان هن کي پاڻي پياري اندرئين ڪمري ۾ وڃي کٽ تي ليٽي پيس, چوتہ اُهو ٿڌو هو. ايتري ۾ هوءَ ڀيهر آئي ۽ مون کي ٻاهر نہ ڏسي اندرئين ڪمري جو دڙ کڙڪايائين. مان ٻاهر نڪتس تہ هن وري ساڳي ڳالهہ ورجائي. مون پمپ گيڙي هن کي ٻُڪ ۾ پاڻي پيئاريو ۽ وري وڃي ڪمري ۾ ليٽي پيس.وري ٽيون ڀيرو آئي ۽ اُن کان پوءِ چوٿون ڀيرو اچي در کڙڪايائين.

جڏهن پاڻي پي ٻاهر وئي تہ هڪ اُستي مون کي چيو "صاحب! هن دودپٽيءَ جي پياليءَ کي واري واري سان ڇو ٿو موٽائين؟ ڏسين نہ ٿو تہ هن کي ڇا گهرجي؟ مون کي ڇڏ تہ مان اهڙو ٿو پمپ گيڙيانس, جو هن کي وري اُڃ نہ لڳندي! ڇوريءَ جو قد ڪاٺ تہ ڏس, ساڳوان جو ٿهيل آهي, ساڳوان جو!"

مون هن کي چيو "نہ. هيءَ پاڙي جي ڇوڪري آهي, مون کي ائين ئي ڇيڙائيندي آهي."

برنارڊ شا چيو آهي تہ: "زندگيءَ جا ٻہ الميا آهن, هڪ تہ دل جي خواهش پوري نہ ٿي سگهي ۽ ٻيو تہ اها پوري ٿي پوي."

مون ڪيئي ڀيرا اُستي وانگر سوچيو هو پر ان ڏينهن ماڻهن جي موجودگي ڏسي گهبرائجي ويو هوس.

مون جڏهن "پؤنر پري آڪاس" جي ڀرين سٽ, "اڇي اوت شراب, اٿم اُڃ ازل جي" لکي هئي, تڏهن مون کي گوپيءَ جي ياد آئي هئي ۽ مون ٿڌو ساهہ ڀري سوچيو هو, "ايئن تہ نہ لتاڙين ها! الهڙ سپنا ائين نہ لتاڙين ها!"

عجيب غريب تجربا آيا آهن. منهنجي زندگيءَ ۾! مون کي سوڀي گيانچنداڻيءَ ٻڌايو هو تہ ڪافي سال اڳ نهرو جيڪب آباد آيو هو ۽ هن کي ڪانگريس وارن جيڪب آباد جي لک پتي سيٺ گوپالي مل جي گهر رهايو هو. جنهن کي پوءِ ملڪيت جي قبائڻ لاءِ، هن جي سڳي پُٽ مارايو هو. نهرو نفاست پسند هو ۽ مغرب جي طور طريقي وارو انسان هو. هو گوپالي مل جي ڪوٺي تي رفع حاجت لاءِ ويو هو تہ هن کي پائخانو ڏسي الٽي آئي هئي ۽ هو هيٺ موٽي آيو هو. مرحوم جسٽس رحيم بخش منشي جڏهن سکر ۾ سيشن جج هو تڏهن هو اڪثر وعدي معاف گواهہ جي گواهيءَ جي باري ۾ گوپالي مل جي ڪيس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي فتويٰ مان حوالو ڏيندو هو.

هڪ سوڀي نالي واڻيو هو جو سلطان ڪوٽ جو هو. هو مون سان گڏ پنجين درجي انگريزيءَ تائين نيو ايرا ايوي اسڪول ۾ پڙهندو هو. توڙي هو مون کان ٽي سال وڏو هو. اُهو امتحان ۾ پاس ٿي، وڃي جيڪب آباد پوليس ۾ ڪنسٽيبل ٿيو هو. اُتي پوليس ۾ هيو جڏهن گوپالي مل جو قتل ٿيو. پوءِ اُها نوڪري ڇڏي، لوڏا ڳوٺ ۾ سيڏي پاڏي جو دڪان کوليائين. جتي منهنجي ٻني هئي. سوڀو هڪ شودو واڻيو هو جو مون کي ٻڌائيندو هو تہ هن جي شفو شيديءَ سان دوستي هئي، جو گوپالي مل جو قاتل هو ۽ باقي ٻيا جوابدار قتل جي سازش ۾ ٻڌا ويا ها. هڪ ڀيري لوڏا ڳوٺ ۾ هو مون کي پنهنجي دڪان تي وٺي هليو جنهن جي وچ ۾ چادر سان وِري ڏنل هئي، جنهن جي پٺيان هو ڄٽين کي خرمي ۾ ڏونگهيءَ جي لالچ ڏئي وٺي ويندو هو ۽ پنهنجو ڪم ٽپائي موٽي ايندو هو. مون کي اُن وقت ڪاريءَ ڪاريءَ جي رسم جي خبر هئي. مون هن کي چيو تہ ”توکي اهي حرڪتون ڪندي ڀؤ نہ ٿو ٿئي. ڪهاڙيءَ جو هڪ وار ڪنهن جي ڪوپڙي ڏونگهيءَ وانگر اُڏائي سگهندو آهي.“ هن ٺهڪ ڏئي جواب ڏنو تہ ”مون کي انهيءَ رسم جو ڀؤ نہ ٿو ٿئي، ڇو تہ ٻروچ واڻئي کي نياڻيءَ وانگر سمجهندا آهن ۽ هن سان پنهنجي زال کي ڪارو ڪرڻ بي عزتي سمجهندا آهن.“

سوڀو واڻيو هڪ نفس پرست انسان هو عورت هن لاءِ خرمي جي پاوَ ۽ ڏونگهيءَ جي اڌ کان وڌيڪ اهميت نہ رکندي هئي. تمام ٿورا انسان آهن، جيڪي عشق ۽ هوَس ۾ توازن رکي سگهن ٿا. انهن ۾ شاعر بہ شامل آهن. شيلي هڪ طبيعت وارو انسان هو ۽ لارڊ بائرن ٻي طبيعت جو. امراءُ القيس

هڪ طبيعت جو هو تہ المتنبي ہي طبيعت جو هو. جسم جي تقاضا کي خيال ۾ رکي، عورت جي تقدس سان هٿ چراند نہ ڪرڻ مشڪل ڪم آهي!

مون کي خواجہ فريد جي گيت مان هڪ سٽ ياد اچي رهي آهي:

”وچ روهي دي رهنديان نازڪ نازڪ جٽيان“ جو شاهده پرين ڏاڍي پياري آواز ۾ ڳاتو آهي.

مون وٽ وڪالت ۾ ايتريون نازڪ ۽ نم جي تازي ڇڇي جهڙيون جٽيون آيون هيون، جو اُنهن جا فقط نانوَ هار ڪري پويان تہ اهو هارُ ان هار کان ڳورو ٿيندو، جو بمبئي ايئرپورٽ تي مون کي سنڌي هندن منهنجي آجيان لاءِ ڳچيءَ ۾ پاتو هو.

لوڌا ڳوٺ شڪارپور کان ہہ ميل پري هو ۽ خان صاحب حسين بخش جي وفات کان پوءِ مان ڪنهن ڪنهن وقت زمين جي نظرداريءَ لاءِ ويندو هوس. هڪ پيري ڳوٺ جي هڪ ميدان ۾ پنهنجين سارين جي وائر ڏسي رهيو هوس، جا منهنجي هاريءَ جي هڪ سانوري سلوٽي ڌيءَ ہيانيءَ سان ڪري رهي هئي. جتي وائر ٿي رهي هئي، اُتي پرسان لَوَن جو گهاتو جهنگ هيو. هوءَ ۽ مان اڪيلا بيٺا هياسين ۽ هوءَ مون کي اِشارا ڪري رهي هئي، تہ مان هن سان گڏ جهنگ ۾ اندر وڃان. هن گهگهو مٿي ڪري پنهنجو سوٽي اڳٺ ڏيکاريو جو في الحال تہ سُڪ ہڏل هو.

مون کي هن جو مقصد سمجهي ڪنبڻي وني وئي. اِن تي هن مون کي طعنو ڏئي چيو ”اوهان شهري مسلمان تہ واٽين کان بہ ڊڄڻا آهيو. اسان تہ ڪهاڙيءَ جي موت لاءِ سِڪندا آهيون، پر تون پنهنجيءَ يار جو نالو وٺو ٿو ڪهاڙيءَ سان ٺاهين! ساري ڳوٺ ۾ هلي ويو آهي تہ تو ڪهاڙيءَ سان وَڻ جا ڳپل لاهي، سرنهن جي ٽُڙ جي ستيا ناس ڪئي آهي. تون جنهن جو نالو لکي رهيو آهين، اُها تنهنجي يار آهي، جا شڪارپور ۾ هاٿيدر اندران رهندي آهي.“

ان وقت مان شڪارپور ڪاليج ۾ فرسٽ ييئر ۾ پڙهندو هوس. مون کي پڻ ٿيو تہ ڪوئي هن کي ہڌي نہ وني ۽ تڪڙ ۾ هن کان دور هليو ويس. هوءَ اچا گهگهو هيٺ چڪي رهي هئي. پٺ تي ڏنم تہ هوءَ سرنهن جي ڪچي گونچ وانگر لڳي رهي هئي ۽ هن جا وار لٽيءَ جي سنهين تارين وانگر هوا ۾ وکريل ها. افسوس جو مون ڪهاڙيءَ جو نہ، قلم جو موت مرڻ پئي چاهيو!

پوءِ بہ. اي ۾ مون هئمليٽ ۾ پڙهيو هو ”عصمت خسيس چيز آهي! اهو اسان پنهنجي پاڻ ۾ هيئن يا هونئن آهيون! اسان جا بدن باغيچا آهن ۽ اسان انهن جا باغبان آهيون.“

عشق سچ پچ ڪوئي جٽيءَ ڪان سکي! هو جسم ۽ روح ۾ ڪوئي فرق نہ ٿي ڄاڻي.

اهي جٽيون ڪنول جي گل وانگر هونديون آهن ۽ انهن جون ٻنڊيون ڏوڏيءَ جي ٻُونڊ وانگر هونديون آهن. جا پيڻ ۾ ٿيندي آهي. وارن ۾ وچ مان سينڌ ڪڍي هو بہ چوٽيون ڪنديون آهن. جيئن گهنگهور گهٽائن ۾ وڄ چمڪندي آهي. هو هٿن پيرن ۽ ڇاتين تي مينديءَ سان گل ڪڍنديون آهن. لؤنگ ۽ ڦوٽا چٻينديون آهن ۽ ميٽ ۾ ليمي جا پن وجهي وهنجنديون آهن. سرنهن جي تازن گلن وانگر لسا هوندا آهن. انهن جا ڳل! آخر عُمر کي ڪنهن راڻيءَ جو سڱ نہ ملي ها ڇا؟ هارياڻيءَ کي کوهہ تان ڇو ٿي کنيائين؟

مون کي فريد جي سٽ ياد ڪري، شاهہ حسين جون هينيون بي مثال سٽون ياد آيون. جن جو ڪئسيٽ مان ننڍ مان اٿڻ سان روز ٻڌندو آهيان:

”دم مــاڻ لــي رنــگ رَليان،
ڪوئي دم ماڻ لي رنگ رليان.
يہ گليان تينون سپنا ٿيسين،
بابل والي گليان.“

شاهہ حسين ڪيڏي حقيقت کي ڪافيءَ جي چار ۾ ڦاسايو آهي.

سنڌ جون سڀ ڪافيون هڪ پُڙ ۾ ۽ بي پُڙ ۾ شاهہ حسين جي ڪافي وجهبي تہ تارازي شاهہ حسين ڏانهن جهڪندي.

جوئر يا ٻاجهريءَ جي ڪيتن ۾ جٽيون يارن سان ٻُربلين وانگر ڳت ڳت ڪنديون آهن. ۽ هنن جا اڇا ناڙا ڪيتن ۾ ڪپر نانگن وانگر ڦهليل هوندا آهن ۽ چنڊ کي اُن وقت فضا مان هيٺ ڏسي افسوس ٿيندو آهي تہ. هن جي ڪرٽن کي ناڙي جي ڇڪ ڇونہ آهي ۽ هن ڪنڌ تي کُهاڙيءَ جي ڏار ڇونہ محسوس ڪئي آهي! چولستان جي جٽي تہ پيار ۾ سنڌ جي جٽيءَ کي بہ پُٺ تي ڇڏي ويندي آهي ۽ ڪنهن پٽ تي ليٽي ڪاريهر جو وارُ خوشيءَ سان

سهي ويندي آهي ۽ چنڊ جي روشنيءَ ۾ پنهنجي لهوءَ جي ڏار کي ڏسي سوچيندي آهي، تہ اُها پيهر هن جي ڪنڌ مان وهٽي آهي.

منهنجي هڪ دوست ٻڌايو تہ شڪارپور مان سکر ڏانهن جيپ تي ويندي، هن پنهنجي جيپ چار پيرا هڪ سهٽيءَ جٽيءَ جي پرسان بيهاري، لَوَن جي جهنگ ڏانهن اشارو ڪري هُن کي چيو تہ "مون کي جهڻ جي جهوري لڳي آهي." هوءَ مُرّس ڏانهن چاڙيءَ ۾ لسي ۽ پنڊيءَ ۾ ڊوڊو ڪٽي وڃي رهي هئي. جٽيءَ هن کي آخري بار جواب ڏنو تہ، "ماريا، جيپ هلائي پڃي وڃ! جي منهنجي مُرّس ڏٺہ تہ ڪهاڙيءَ سان ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندءِ!"

وڪالت جي پيشي ۾ مون ڪيئي ماس جا ڳپل اڏامندي ڏٺاهئا، جي لهندي سج ۾ گل مهر جي گلن وانگر لڳندا هئا. منهنجن فوجداري ڪيسن ۾ هر ٽيون ڪيس ڪاري ڪاريءَ جو هوندو هو. بي بي سيءَ تان منهنجو نثري نظم "امان! هو مون کي ڪاري ڪري ماريندا!" هڪ سنڌي ڳائڻي ڏاڍي سُريلي آواز ۾ ڳاتو هو جنهن جي ڌُن منهنجي دوست شاهد پُٽي ناهي هئي. شاهد پٽي جو پاءُ جيڪو ڪميونسٽ يورپ مان ڊگري حاصل ڪري آيو هو تنهن مون لاءِ بلغاريہ جي شاعريءَ جو گل دستو (Anthology) آندو هو هڪ پيري هن رستي تي مون سان پنهنجيءَ خوبصورت زال جو تعارف ڪرائيندي چيو، "هيءَ منهنجيءَ زال آهي ۽ نرگس لطيف جي پيڻ آهي، جا اوهان وٽ ڏهاڪو ڏينهن، اوهان جا نظم نقل ڪرڻ ايندي هئي ۽ جنهن گوئٽي انسٽيٽيوٽ مان ڪيئي جرمن ڪتابن جي انگريزي ترجمي جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون اوهان کي آٽي ڏنيون هيون." شاهد پٽو اسٽيل مل ۾ ملازم آهي ۽ فون تي ملي نہ ٿو جو هن کان هن جي پاءُ ۽ هن جي پاجائيءَ جو ۽ انهيءَ ڳائڻيءَ جو نالو پڇان، جنهن مون کي بي بي سيءَ تان ڳاتو هو ۽ جنهن لاءِ بي بي سيءَ مون کي چاليهہ پائونڊ موڪليا هئا.

دراصل ڪاري ڪاريءَ جي رسم تہ بُري آهي، پر ستي لڪڙيءَ جي رسم کان هزار پيرا بهتر آهي.

شاهد پٽي ۽ بيدل مسرور بدويءَ پريس ڪلب ۾ منهنجي شاعري ڳائي ڏاڍو داد وصول ڪيو هو. نہ ڄاڻان هنن جي گروپ جون بيون ڇوڪريون ڪيڏانهن ويون، جن شاهد ۽ بيدل سان گڏجي منهنجو لوڪ گيت "همرچوڙي" ڳاتو هو جنهن سامعين کي وڏو اتساهہ ڏنو هو. جڏهن کان مون

سياست جي ڪسيءَ جا ڪيڙا هتائي ڇڏيا آهن ۽ چند جو گٽر ۾ پاڇو ڏسڻ نہ ٿو چاهيان. تڏهن ڪان منهنجا ڪيترائي پراڻا مداح مون ڪان ڪتجي ويا آهن. ”ڪميونزم آرتستن ۾ وڏو ڳانڍاپو هو پر اُن جي ناڪاميءَ ڪان پوءِ هر ڪو ڇڙ ڇڙ گابو ٿي ويو آهي.

اوچتو مون کي ياد آيو تہ مان جيڪب آباد جي سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي سکر موٽي رهيو هوس، تہ مون زار زار روئڻ جو آواز ٻڌو ۽ ڏٺم تہ ٻنيءَ جي ٻني سان ڪائي عورت پنهنجي ڇاتي ڪُٽي، پار ڪڍي رهي هئي ۽ هڪ مرد جو ڪنڌ ڏڙ سان ڳنڍي ڇئي رهي هئي،”ابا! منهنجو پٽ ڪارو نہ هيو هو جکراڻي، جي ڪهاڙيون هٿ ۾ ڪٽي (يا علي! يا علي! ڪندي پهندا ٿي ويا) منهنجي پٽ کي ناحق ڪارو ڪري ماري ويا. منهنجي پٽ کي زال ۽ ٻہ نياڻيون آهن. هو پرائي ننگ جي ويجهو نہ ويندو هو.“ واردات سلطان ڪوٽ جي ٿاڻي کان ڪجھ پنڌ تي هئي، اتان جو صوبيدار منهنجو واقف هو جو سلطان ڪوٽ جي ڪيسن ۾ سکر ۾ سيشن ڪورٽ ۾ ڪيئي ڀيرا مون سان مليو هو. مون هن کي ساري واردات ٻڌائي ڇيو تہ ”مان فريادي ٿيڻ نہ ٿو چاهيان، ڪورٽ ۾ ڪيس ٻہ سال هلندو ۽ مون کي هر پيشيءَ تي حاضريءَ لاءِ وقت نہ آهي، تون مهرباني ڪري واردات تي وڃ ۽ فوتيءَ جي ماءُ جي ايف. آءِ. آر ڪاٽ!“ هن ڪنڌ ڏوٽي هائو ڪئي ۽ چيو تہ.”ترسو تہ ڪُڪڙ ڪُهائي وٺان، ڏو پهرو ڪري پوءِ وڃو.“ مون هن کي چيو”هاڻي پنڌ پري نہ آهي، ڏاڍي بک لڳي ها تہ سلطان ڪوٽ جا اڪثر آغا منهنجا دوست آهن، ڪنهن نہ ڪنهن وٽ ٻہ گرهہ کائي وٺان ها.“

”سائين، هي ٻہ اوهان جو گهر آهي.“

مون دل ۾ چيو تہ .”اتي ڪُڪڙ جي ٻوٽيءَ ٻوٽيءَ ۾ انساني رت هوندي! ان ڪان تہ بک ڀلي آهي.“ پوءِ ايف. آءِ. آر لکائڻ کان سواءِ سکر روانو ٿيس.

زندگيءَ جي ڪئسيٽ جو هڪ پاسو کپي ويو آهي ۽ ٻيو پاسو ڦيرائي رکان ٿو. ٻئي پاسي ۾ ٻہ غمِ جانان آهي. اهو پورو ڪري غمِ دوران وارو ڪئسيٽ هلائيندس. مون کي فراق گورکپوريءَ جو بحرِ خفيف ۾ هڪ شعر ياد ٿو اچي:

يوں ہے فراق نے عمر بسر کی
کچھ غم جاناں، کچھ غم دوراں.

هڪ پيري مان پنهنجن دوستن ارجن شاد ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي نيپيئر روڊ تي بازارِ حُسن ۾ سماج جا ناسور ڏيکارڻ وٺي ويو هوس. ٻنهي کي اڇي کاڌيءَ جا تازا استري ٿيل ڪپڙا اڇا جوڙا ۽ پيرن ۾ پلاسٽڪ جا اڇي رنگ وارا چمپل پيا هئا. جڏهن منهنجي در ڪڙڪائڻ تي ڪائي طوائف در کولي ٻاهر تي آئي، تڏهن ٻنهي هٿ ٻڌي، هن کي نمستي تي ڪئي. هوءَ حيران ٿي تي وئي. هڪ طوائف تہ ايتري خوبصورت هئي، جو جيڪڏهن هُن کي مهاتما گانڌي ڏسي ها تہ پنهنجي زال ڪستور ٻائيءَ سان پنهنجو وچن ٽوڙي ڇڏي ها يا سابرمتي آشرم ۾ ٻاڪر ڪُتو وجهي ڇڏي ها. نيٺ مون هڪ سانوري سلوڻيءَ برهمڻيءَ جو در ڪڙڪايو ۽ جڏهن هوءَ نڪتي، تڏهن مون ٻنهي ڪامريڊن جي پٺي ٺپي چيو"اوهان گهر وڃي دال پاپڙ کائو مون کي گوشت جي بُک لڳي آهي." برهمڻيءَ مون کي اندر اچڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ در جي اندران بلٽ مٿي چاڙهي ڇڏيو. هن جي کٽ جي سامهون ڪرشن جيءَ جي مورتي ٽنگيل هئي. مورتيءَ ۾ ڪرشن وڻ تي ويٺو هو ۽ پنهنجي بنسري وڄائي رهيو هو ۽ هيٺان جمنا ۾ ننگيون گوپيون هٿن سان پنهنجا انگ ڍڪي رهيون هيون. مون برهمڻيءَ کان پڇيو تہ،"ڇا ڪرشن کي وڏيڪ گوپيون هيون، يا توکي انهن کان بہ وڏيڪ گوپي ناٿ آهن؟ هوءَ کلي ويٺي، ڄڻ ميران ٻائيءَ جي پيرن جا گهنگهرو وڳا.

هن جي کل هن جي اندر جي ٽڙڪيل آرسيءَ وانگر هئي، جنهن تي مورتيءَ جا ٽٽل پاڇاون پئجي رهيا هئا. هن جو نالو شوپا هو برهمڻي اوپر اُترپرديش جي هئي. هن پوڄپوري ۽ اوڌي چڱي تي ڳالهائي. هندي صاف نہ تي ڳالهائيائين. هن کي نرڙ تي سُندر جو تلڪ لڳل هو ۽ اکين ۾ ڪجل پيو هو. هوءَ وِرنداوَن ۾ وڏوا تي هئي ۽ بُک هن کي ويچار تي مجبور ڪيو هو. مون دل ۾ چيو تہ:"کاڌي پوش ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ارجن شاد! اوهان سماج جي سيني جا ناسور ڇا ڏسي سگهندؤ! اوهان تہ فقط اُن جون آرايون ماريندا رهيا آهيو؟"

مون کي حفيظ جالنڌريءَ جي هڪ گيت جي نهايت پياري سٽ ياد آئي:

"ڪاهن! مرلي والي، نند ڪي لال، بنسري بجائي جا"

ڇا بنسري ڪا علامتي ڳالهہ هئي؟

هندستان جي مشهور مسلمان ڳائڻيءَ پروين سلطانہ چو ڳاتو آهي،"ڪون گلي گيو شيام"

مون کي ميراجي جي ڪتاب "ديس ديس کي نظمين" مان هڪ گيت جي پهرين سٽ ياد آئي، "اوڏو بيت چلي هي رات"

پروين ، حفيظ ۽ ميراجي تہ مسلمان هئا، انهن شيام جي باري ۾ ڇو ڳاتو هو؟

دراصل راڌا ۽ شيام جي پريم ڪهاڻيءَ مون کي مُنڊي ڇڏيندي آهي.

شورش ڪاشميريءَ جهڙي مذهبي ماڻهوءَ بہ لاهور جي هيرامنڊيءَ جي باري ۾ هڪ ڪتاب "اس بازار مين" لکي شايع ڪرايو هو جو مون جوانيءَ ۾ پڙهيو هو جنهن ۾ هڪ نوجوان طوائف جي فوٽي جي هيٺان "زيرِ تصنيف" لفظ لکيل هئا. هن ڪرشن چندر، راجيندر سنگهہ بيديءَ ۽ سعادت حسين منٽو کان وڌيڪ حقيقت نگاريءَ سان جسم فروشيءَ جي عڪاسي ڪئي هئي.

مون کي ميران ٻائيءَ جي هڪ ٻي سٽ ياد آئي:

"موري نينن مين بسُو نند لال"

گيت گووند جي مصنف جئہ ديو پنهنجي غنائي شاعريءَ ۾ محبت، فطرت ۽ موت تي پنهنجا خيال اهڙيءَ طرح نظمايا آهن، جو فطري منظر جذبي ۽ تخيل ۾ نئون هيجان پيدا ڪن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ نسوانيت جي نفاست، نزاڪت ۽ پاڪيزگي، هن جي خواب و خيال جي دنيا مان ان طرح اُڀري آهي، جو ڪرشن جيءَ سان رقابت جو احساس ٿئي ٿو.

اوچتو مون کي ياد آيو تہ فرانسيسي ناول نگار جان ڪاڪتو (Jean Cocteave) جي هڪ ڪتاب جو نالو هئو "دل جو ورهاڱو نہ ٿو ٿي سگهي" ۽ ساڳئي وقت ڪميونسٽ اديبا ممتاز شاهنواز جي هڪ ناول جو نالو"دل جو ورهاڱو" ياد اچي ٿو جو هن 1948ع ۾ لکيو هو. فرانسيسي شاعر رِين بو جو هڪ نظم آهي. "مست ڪِشتي." نظم ۾ هڪ ڪشتي آهي، جا سمنڊ ۾ ڦرندي ٿي رهي ۽ لهرن جون لپاٽون کائيندي ٿي رهي، جنهن کي هڪ پل بہ قرار نصيب نہ آهي. مان پنهنجي ٻي ڇڻيءَ جي تفصيل ۾ نہ ٿو وڃان، "ڪامريڊو! منهنجي سيني جا ناسور اوهان ڏسي سگهندؤ؟" مون ڇيو.

منهنجي ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ" تي .فحاشيءَ جي الزام هيٺ بندش وڌ ي وئي هئي.

ان ڪانپوءِ هن جي ٻي ايڊيشن نہ ڇپي آهي (گهٽ ۾ گهٽ مون نہ ڏٺي

آهي)، باقي ٻين جا ضخيم ڪُليات ڇپيا آهن. دراصل اسان جي حڪومت ۽ افسر شاهيءَ اسان جي نئين نسل جي نڪتہ نگاهہ ۽ نفسيات کي نہ سمجهي سگهي آهي. ڇا انهن ڪڏهن سوچيو آهي تہ اسان جا نوجوان زيءَ تي . وي ايٽري دلچسپيءَ سان ڇوٽا ڏسن، جو انهن کي پيي. ٽي. ويءَ لاءِ وقت ئي نہ ٿو ملي!

تاريخ جي گهڙيال جي سئي پٺ تي ڦيرائي نہ ٿي سگهجي ۽ نہ ان ۾ نوان سيل (Cell) وجهي سگهجن ٿا. وقت درياهہ وانگر اوچا ٻڙ پاڙون پٽي وڃي رهيو آهي، ڇا اُن کي ڪوئي روڪي سگهي ٿو؟

مان بہ چاهيان ٿو تہ اليگزينڊر ڪپرن جي روسي ناول "ياما دي پٽ" (Yama The Pit) وانگر سنڌيءَ ۾ ناول لکان، پر هن عمر ۾ تہ انگريزيءَ جي شاعره ايمبلي ڊڪنسن جو فقط هيٺيون نظم ياد اچي ٿو:

"ڪيف و سرور ۾
ڪنهن گل کي
بظاهر ڪوئي تعجب نہ ٿو اچي،
جڏهن پار پنهنجي راند روند ۾
اچانڪ ان جي گردن اڏائي ٿو ڇڏي
نابين قاتل ويندو ٿو رهي
سج کي ڪوئي ڏوڏو نہ ٿو اچي
۽ اڳتي وڌندو ٿو هلي
جيئن هڪ ڏينهن ٻئي ڏينهن جي ماپ ڪري
ان کي خدا جي پسنديءَ لاءِ پيش ڪري."

جواني بہ ائين اک ٻوٽ ۾ گذري ٿي وڃي. وقت وڏو ڳنڍ ڪپ آهي. انسان جي سار مان بہ نہ ٿو مڙي! جوانيءَ جو ذائقو مٺي چيريءَ وانگر هيو. چيريءَ جو وڻ بهار ۾ تڙي پوندو آهي ۽ سرءُ ۾ پن ڇاڻي ويندو آهي. نہ ان جا ڦول رهندا آهن نہ ڦُل. هاڻي مان ان جا ڪهڙا ڪهڙا شڪل پن ڏسان ۽ انهيءَ تي افسوس ڪريان تہ مون جواني اجائي ڇو وڃائي! مان بلهي شاهہ ۽ باهو ٿي سگهان ها، پر منهنجي شاعريءَ کي اها ولايت نہ آهي، جا انهن جي شاعري کي آهي. نہ جاڻ تہ منهنجي پيش رَوَ ڀٽائيءَ پنهنجي پاڪ دامنيءَ

ڪٿي نہ پيجبو تَڪُ مسافر
جي باوجود هيٺيون شعر چو لکيو هو:

ڪچ ڪمايم ڪوڙ پگم عهد الله جا،
پيچرو جو پاپن جو چوٽيءَ تائين چور،
معلوم اتي مذڪور، گوڙها انهيءَ ڳالهہ جو.

ازلي حقيقت لاءِ ڳوڙهي کان بهتر لفظ سنڌيءَ ۾ نہ آهي.

هڪ ڀيري بازارِ حسن ۾ مون هڪ ڇوڪري ڏٺي، جا بالڪنيءَ ۾ ويٺي هئي ۽ ڪوئي ڪتاب پڙهي رهي هئي ۽ ڪنهن ڏانهن اک کڻي نہ ٿي ڏنائين. مون کي اهو سوچي تعجب آيو تہ ايتري محويت سان هيءَ ڇا ٿي پڙهي! مون ڏاڪڻ چڙهي هن جي ڪمري جو دڙڪايو. منهنجي پڇا تي هن ٻڌايو تہ هوءَ ديوانِ غالب پڙهي رهي هئي. مان نظرن سان هن جا پير چُمي موٽي آيس.

ساڳي ڳالهہ سيده ودادالِسڪا ڪيني جي بي بي رابعہ بصريءَ تي ڪتاب جي ترجمي ۾ عبدالصمد صايم الاظهري لکي آهي تہ:

"شب بيدار ۽ زهد پسند رابعہ ڪيئي ڪلاڪ الله جي اڳيان ليلڙائيندي هئي، تہ منهنجي توبهہ قبول ڪر! ڇامان پڇي سگهان ٿي تہ رابعہ تو اهڙو ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي، جو تون اهڙيءَ طرح ليلڙائي توبهہ ٿي ڪرين." اڳتي هلي لکيو اٿائين تہ:"امام ابو القاسم نيشاپوري جو پنجين صديءَ ۾ فوت ٿيو اُن هڪ ڪتاب ۾ انهن زاهد عورتن جو ذڪر ڪيو آهي جي ڏاڍي عبادت ڪنديون هيون ۽ واڻڙيون هونديون هيون. انهن ۾ حيونہ، رابعہ جي هڪ ساهيڙي بہ هئي. هڪ رات هوءَ رابعہ وٽ آئي، جڏهن رابعہ گهيرت ڪائي رهي هئي ۽ هن جي اک لڳي وئي هئي. حيونہ ۽ رابعہ گڏجي تهجد پڙهنديون هيون، سو رابعہ کي ٺوڪر هڻي چيائين،"اُٿي! هدايت پائڻ وارن لاءِ شبِ عروسيءَ جو وقت اچي ويو آهي." ڪهڙي نہ مقدس آهي اها ذات، جنهن رات جي ڪنوارين کي تهجد جي نور جي زينت بخشي آهي! اهڙي ڳالهہ مون عيسائي راهبا سينٽ ٽيريسيا ۽ هندو ڀڳتياڻيءَ ميرا ٻائيءَ جي باري ۾ بہ پڙهي هئي.

عام سنڌي عورت تڏو آهي، تؤنري آهي، مساڳ آهي، ميندي آهي، گلاب داني آهي، اُچ ۽ اساٽ لاءِ صراحي آهي. ڪڏهن ميءِ ناب آهي،

ڪڏهن زهرِ قاتل آهي. ڇا ڪنهن سنڌيءَ لاءِ عورتٰ انسان بہ آهي؟ هن کي روح بہ آهي ۽ هر انسان وانگر پرتوِ الاهي بہ آهي، ماءُ بہ آهي، بي بي مريم جيان مقدس بہ آهي، اي نوجوان!فقط عورت جي گوشت پوست کي بگهڙ وانگر نہ ڇيڇاڙ هن تي مور پنک ٿيءُ، هن تي ڇپر ڇانوَ ٿيءُ!

افسوس جو مون زرينا جي اجازت کان سواءِ ہي شادي ڪئي، زرينا تازي گل وانگر هئي، مون کي شاديءَ جي ڪهڙي ضرورت هئي! سنڌيءَ ۾ چونداآهن تہ لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي، پر مون پنهنجو قلم هميشہ پنهنجيءَ ڪياڙيءَ تي وهايو آهي. ہئي نڪاح نامي تي زرينا جي اجازت کان سواءِ دستخط بہ ڪياڙيءَ تي قلم وانگر هو. بهر صورت اهو الميو 1965ع ۾ طلاق سان هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو. ڏوهہ سراسر منهنجو هو ۽ منهنجي تقدير جو هو. منهنجي تقدير ائين چو نهي هئي، مان ڪيئن ٿو چئي سگهان!

هڪڙو واقعو مون کان وسري نہ ٿو. ان ۾ ايتري معصوميت هئي، جو اها منهنجيءَ زندگيءَ جي ساري معصوميت کي ڏوئي ٿي سگهي! ان ۾ شيلي کان وڌيڪ معصوميت هئي، جنهن چيوهو ,”اسان جي غم جي دائري مان ڪنهن ڏورانهين انسان لاءِ اسان جي محبت سان پري عقيدت.“

مان جڏهن جونيئر بي. اي پڙهندو هوس، تڏهن پروفيسر اجواڻي اسان کي انگريزيءَ جو درسي ڪتاب ”سارتر رزارٽس“ جو ڪارلائل جو لکيل هو پڙهائيندو هو. هن جي تقرير مان بعيد از قياس، سوفسطائي فضول عنصر کي ڪڍيو وڃي ها تہ اُها ڪمند جي رس پيڙيل چوپڻ وانگر لڳي ها. هو جذبات ۾ اچي پنهنجي وَهہ ۾ وهي ويندوهو ۽ اُيي کان لمي ۽ لمي کان اُيي هليو ويندو هو. هڪ پيري هن جي تقرير جي رواني ۽ انگريزيءَ ۾ فصاحت بور ڪري رهي هئي، ويتر جو هن ڪارلايل جي نڪتہ نگاهہ ڇڏي،اسان کي فرانسيسي ناول نويس اليگزينڊر ڊيوماس جي ڪهاڻي”ٽي شمشير زن“Three Musketeers ٻڌائڻ شروع ڪئي تہ اسان بنهہ بور ٿي پياسين ۽ ڪٿي راجا پوج ۽ ڪٿي گنگو تيلي جهڙو تضاد محسوس ڪرڻ لڳاسين.

منهنجي پرسان شهريار نالي هڪ بهائي ڇوڪرو ويٺو هو ۽ ان جي پرسان هڪ ايراني ڇوڪري ويٺل هئي ۽ تهران جي رهاڪو هئي. اسان ٽيئي اتياسين ۽ ماٺ ڪري کسڪي وياسين. ٻيا سڀ ڇوڪرا جڻ ڪنهن

جادونگريءَ ۾ چوڏول تي وينا ها. ڪاليج کان ٻاهر نڪري اسان هڪ ايرانيءَ جي ڪئفي ۾ اچي ويناسين ۽ تي ڪيڪ سلائيسون ۽ ٽي چاءِ جا ڪوپ گهراياسين. شهريار مون کي پنهنجي هم نشين ڇوڪريءَ سان متعارف ڪرائيندي چيو "هي قراة العين آهي. هيءَ بہ بهائي آهي. آسٽريليا ۾ سڊني ۾ بہ بهائي مرڪز آهن. جتي هن جو پيءُ ڏنڌي جي سلسلي ۾ ويندو رهندو آهي. پر هُو هتي جنگ جي سبب رهي پيو آهي. قراة العين جو نالو ٻڌي مون پارسي جي بابي تحريڪ جي شاعره جو مشهور مطلع پڙهيو:

گر بہ تو اُفتدم نظر چهره بہ چهره روبرو
شرح دهم غم ترا نکتہ بہ نکتہ موبہ موبہ.

(جيڪڏهن مان تنهنجي چهري کي آمهون سامهون ڏسان تہ توکي تولاءِ پنهنجو غم سمجهايان, نُڪتو نُڪتو الڳ ۽ لفظ لفظ الڳ ڪري)

هوءَ منهنجي فارسي ٻڌي خوش ٿي ۽ چيائين تہ اهو قراة العين طاهره جو شعر آهي, جا عبدالباب جي بابي تحريڪ سان وابستہ هئي. هن جو نالو قراة العين هو ۽ طاهره هُن جو لقب هو جو هن کي تحريڪ جي ڪنهن بزرگ ڏنو هو. هن مون کان وڌيڪ پڇيو تہ, "توکي اهو سارو غزل ياد آهي؟" مون هن کي جواب ڏنو تہ, "مون کي فارسيءَ ۾ سوين ترنم وارا غزل ۽ نظم ياد آهن."

هن مون کي آزمائڻ لاءِ چيو تہ, "يلا ان جو ٻيو شعر ٻُڌاءِ!"

مون ٻيو شعر پڙهيو:

از پئے ديدنِ رُخت هم چون صبا اُفتاده ام،
خانہ بہ خانہ، در بہ در، کوچہ بہ کوچہ، کوبہ کو.

(تنهنجي منهن کي ڏسڻ لاءِ پرهہ جي هير وانگر رُليو آهيان,
گهر گهر ۾, در در تي, گهٽيءَ گهٽيءَ ۾, ڳليءَ ڳليءَ ۾.)

"اڃان اڳتي." هن چيو.

مون ٽيون شعر پڙهيو:

مي رود از فراقِ تو خونِ دل از ديده ام،
دجلہ بہ دجلہ، يم بہ يم، چشمہ بہ چشمہ، جو بہ جو.

(تنهنجي فراق ۾ منهنجين اکين مان دل جو خون دجلہ (نديءَ جو نالو) دجلہ سان، وهي رهيو آهي. سمنڊ سمنڊ سان، چشمو چشمي سان، واهہ واهہ سان.)

هوءَ هاڻي مطمئن ٿي وئي هئي تہ مون کي سڄو غزل ياد آهي. رڳو چيائين تہ، ”اهو غزل مون کي ڏاڍو پسند آهي، جي توکي باقي شعر بہ ياد هجن تہ اُهي بہ ٻڌاءِ.“ مون مقطع تائين غزل پڙهيو:

دورِ دهانِ تنگ تو عارضِ عنبرین خطت،
غنچہ بہ غنچہ، گل بہ گل، لالہ بہ لالہ، بُو بہ بُو.

ابرو وچشم و خالِ تو صید نمودہ مرغ دل،
طبع بہ طبع، دل بہ دل، مہر بہ مہر، خو بہ خُو.

مہر تُرا دل حزین بافتہ برقماشِ جان،
رشتہ بہ رشتہ، نخ بہ نخ، تار بہ تار، پُو بہ پُو.

در دلِ خویش طاہرہ گشت و نہ دید جُز ترا،
صفحہ بہ صفحہ، لا بہ لا، پردہ بہ پردہ، تُو بہ تُو.

(تنهنجي ننڍي وات ۽ تنهنجي ڳل، جنهن تي عنبر جهڙي ڇت آهي ۽ جو دور آهي.

غنچو غنچي سان (ڳنڍيل آهي)، گل گل سان، لالہ لالہ سان ۽ خوشبو خوشبو سان.

تنهنجا ڀروون، اکيون ۽ ٽِڙ دل جي پکيءَ کي شڪار ڪن ٿيون،

طبع طبع سان، دل دل سان، پيار پيار سان، عادت عادت سان.

تنهنجي پيار هن ڏکاريءَ دل کي ڪپڙي پٽ سان اُڻيو آهي،

ڌاڳو ڌاڳي سان، پٽ پٽ سان، تار تار سان، تند تند سان.

طاهره پنهنجي دل ۾ ٽُٻي ڏني تہ توکان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڏٺو

هستي هستيءَ سان، نيستِي نيستِيءَ سان، لڪ ڇپ لڪ ڇپ سان ۽ توسان تنهنجي موجودگي.)

هن چيو تہ، ”حضرت باب ايران جي برگزيده شخصيت هو ۽ قراة العين هن جي خاص پوئلڳ هئي ۽ ان تي وڏا بحث مباحثا ڪندي هئي تہ حضرت باب حضرت يوحنا وانگر هيو. قراة العين طاهره دنيا جي عورتازاد تحريڪ (Feminist Movement) جي پهرين عورت هئي، جنهن عورت جي آزاديءَ لاءِ موت قبوليو هو. هوءَ قزوين شهر جي رهندڙ هئي ۽ پهرين مسلمان عورت هئي، جنهن پردي ڪرڻ کان بنهہ انڪار ڪيو هو. هوءَ حضرت باب جي متعقد هئي، جنهن کي تعصب جي انڌ ۾ ايئن ماريو ويو هو جيئن ارڙهن صديون اڳي فلسطين ۾ فريسين يوحنا کي ماريو هو. قراة العين طاهره کلم کُلا، بنا ڪنهن پردي جي دين جي عالمن کي مخاطب ٿيندي هئي ۽ ڪنهن بہ مسئلي تي بحث ۾ هنن جي آڻ نہ مڃيندي هئي. پهرين تہ هن جي ڏاڍي عزت ڪئي ويندي هئي، پر پوءِ مُلا هن جا مخالف ٿي پيا. نيٺ مُلن جي چرچ تي حڪومت هن کي ڪيئي ڀيرا جلاوطن ڪيو. جڏهن هن تي موت جي فتويٰ ڏني وئي، تڏهن هوءَ گلاب جي پاڻيءَ سان وهنتي، عطر لاتائين، پنهنجو بهترين سفيد لباس پاتائين، ساري گهر کي خدا حافظ ڪري چيائين تہ، انهيءَ شام جو هوءَ ڪنهن لمبي سفر تي وڃي رهي هئي. هن کي گهُٽو ڏئي ماريو ويو هو. هوءَ ايتري خوبصورت هئي، جو هن کي گهُٽو ڏيندي جلاد جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. مان اعتراف ٿو ڪريان تہ مان چئن اسلامي شخصيتن، حسين بن منصور حلاج، قراة العين طاهره، سرمد ۽ مخدوم بلاول کي بلڪل نہ سمجهي سگهيو آهيان!

منهنجي هم ڪلاسي قراة العين منهنجي بہ دوست ٿي وئي ۽ بي.اي جي انگريزيءَ جي ڪلاس ۾ منهنجي پرسان ويهندي هئي. ڪاليج بند ٿيڻ ڪانپوءِ اسان ڪاليج لڳ نهيل برنس گارڊن ۾ وڃي ويهندا هياسين ۽ ڪچي ناريل جو پاڻي پيئندا هياسين ۽ ڪجهہ دير اُنهيءَ مَنهہ هيٺان بہ ويهندا هياسين، جنهن تي ڪاريءَ ڊاک جي وَل چڙهيل هوندي هئي. جڏهن ڪاريءَ ڊاک جا ڇڳا رسي مَنهَہ تان لڙڪندا ها، تڏهن اسان اُهي خريد ڪري هڪ ٻئي کي کارائيندا هياسين. هوءَ مون کي تهران جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي ۽ پنهنجي گهر کي ياد ڪري روئي ويهندي هئي. هن جي گهر ڏانهن وچ بازار مان هڪ سوڙهي گهٽي ٿي وئي، جا هڪ وڏي دروازي تي کُٽي ٿي. گيٽ جي اندر قراة العين جي پيءُ جو چار ايڪڙ باغ هو جنهن جي وچ ۾

هنن جو ننڍڙو بنگلو نهيل هو. باغ ۾ هڪ ناڪ، ٻہ ڏاڙهونءَ، ٻہ آڙوءَ، صوف جا وڻ هيا ۽ چوڌاري ڪجهہ خوشبودار وليون هونديون هيون. جن جي وچ ۾ هو ياڄيون پوکيندا ها. آڙوءَ جا ٻوٽا هن جي پيءُ ترڪيءَ مان آندا ها ۽ انهن ۾ وڏي ڏاڙهونءَ جيترا آڙو ٿيندا ها. هن جو پيءُ ڏنڌي خاطر پاڪستان آيو هو ۽ جنگ جي ڪري رهجي پيو هو.

هڪ ڀيري قراة العين پريل آواز سان مون کي ٻڌايو تہ، "سياڻي هو آسٽريليا ۾ سڊنيءَ وڃڻا ها، جتي بهائي سينٽر هيا ۽ سفر لاءِ سازو سامان ويڙهي رکيو هئائون. اتان هو تهران وڃڻا ها. اها هن جي مون سان آخري ملاقات هئي.

مان اهو ٻڌي هڪو ٻڪو ٿي ويس ۽ ڪا دير تہ هن کي گهوريندو رهيس ۽ پوءِ کيس چيم، "مون کي الوداعي چمي بہ ڪانہ ڏيندينءَ؟" هن ڪنڌ ڌوڻي نہ ڪئي ۽ مون کي هٿ ڏئي باغ جي وچ ۾ ناريلن جي دڪاندار وٽ وٺي آئي. ٻاڪ جي مند تہ ڪانہ هئي. هن هڪ ڪچي ناريل ۾ سوراخ ڪڍائي اُن مان پاڻي پيتو ۽ پوءِ ناريل وڌائي مون کي پيئڻ لاءِ ڏنائين. جو مون ٽري تائين پيتو تہ هن چيو تہ، "اسان جا چپ ناريل جي ذريعي مليا."

ڪيئي سال پوءِ مون جڏهن ڪنهن سان چاءِ جو اڌ ڪوپ پي ڪري ڇڏيو هو تہ مون کي قراة العين جي ياد آئي هئي. قراة العين مون کي چيو هو تہ، "تون مون کي ڇڏڻ نہ اچجانءِ، مان نہ ٿي چاهيان تہ پنهنجي پيءُ اڳيان منهنجو اکيون ڇُلڪي پون."

اهو سارو ڏينهن مون خيام جي هيٺين رباعي جهونگاري هئي.

ایں عمر کہ بیتاب بہ بنی آں را
نقشے ست کہ بر آب بہ بنی آں را

دنیا خوابے و زندگانی در وے،
خواب است کہ در خواب بہ بنی آں را.

(هيءَ عمر جنهن کي تون بيتاب ٿي ڏسين ٿو
چِٽُ آهي، جو تون پاڻيءَ تي ڏسين ٿو.
دنيا خواب آهي ۽ زندگاني درد آهي،
خواب بہ اهڙو جو جڻ تون خواب ۾ خواب ڏسي رهيو آهين؟)

عشق ۾ پرهيز گاريءَ ڪي پائندگي آهي قراة العين جي ياد پاڻيءَ تي ڇِٽُ نہ، پر پٿر تي ليڪو آهي.

ڪجهہ دوستيون منهنجون پنجاب ۾ بہ هيون، پر انهن جي ڳالهہ تي مان پوءِ ٿو اچان.

خوشنصيبيءَ سان منهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي تعليم يافتہ ۽ بي پردي عورتون آيون آهن، نہ تہ جنهن دؤر ۾ مان ڦوهہ جوانيءَ ۾ هوس، تنهن دؤر ۾ وچولي طبقي واريون بي پرده عورتون فقط سرخ بتيءَ واريءَ ايراضيءَ ۾ نظر ايندڙيون هيون ۽ ڪيئي نوجوان انهن جي ڪِيڏ جوانيون برباد ڪري ڇڏيندا ها ۽ شاعر انهن تي شاعري قربان ڪندا هئا.

منهنجو هڪ نندپڻ جو دوست عبدالقادر مطلباڻي لاڙڪاڻي ۾ مختيارڪار هو. اتفاق سان مان لاڙڪاڻي ۾ ڪنهن ڪورٽ ۾ جڏهن ڪوئي ڪيس هلائڻ ويس، تڏهن هو مون کي اُتي ملي ويو. هن ڪنهن جوابدار جي پاس لکي هئي ۽ ان ڪري شاهديءَ ڏيڻ لاءِ آيو هو. هن منهنجي منجهند جي ماني‌ءَ جي دعوت ڪئي. هو ڏهين بجي شاهدي ڏئي گهر مانيءَ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ويو ۽ موٽي مون کي ڏيڍ بجي وٺڻ آيو. هن جي گهر ۾ اندر گهڙيءَ ۾ ڪٽ پئي هئي، جنهن تي بہ عورتون ڪارا برقعا پائي ويٺيون هيون. عبدالقادر انهن لاءِ چيو تہ ”هڪ منهنجي سؤٽ ۽ مڱيندي آهي ۽ ٻي هن جي ماءُ آهي، جي شڪارپور مان آيون آهن.“ ڪمري ۾ ڪاڏي جي ميز تي ماني رکيل هئي ۽ ان جي پرسان هڪ گلابي رنگ واري عورت ويٺي هئي. عبدالقادر هن جو تعارف ڪرائيندي چيو ”هيءَ مسقط جي آهي ۽ هتي ڪنهن سان پڄي آئي هئي، پر اُهو ڪيس ڏوڪو ڏئي ڇڏي ويو هو. پيسي نہ هجڻ ڪري، هن سرخ بتيءَ واري ايراضيءَ ۾ ڌنڌو ڪرڻ شروع ڪيو هو. جڏهن مان هن وٽ ويس تہ هوءَ مون کي شڪر پشم وانگر لڳي هئي ۽ ٻي ڏينهن مون هن کي گهر آڻي رهايو ۽ هن سان نڪاح ڪيو.“ اُن مسقط جي طوائف جي ڪاڏي سان گڏ ميز تي بصرن ۾ سيئيل پلو بہ رکيو هو. مون هن کان پڇيو تہ ”تو سؤٽ سان شادي ڇونہ ڪئي؟ ڇا هوءَ توکي نہ وڻي؟“ جواب ڏنائين، ”هيءَ شڪر پشم آهي، شڪر پشم. جيئن سيمل جي ڪپهہ سان پريل گاديلو هجي.“ بصرن ۾ سيئيل پلو کائي مون سوچيو تہ اهڙو پلو فقط شڪارپوري عورتون ناهي سگهنديون آهن. مون عبدالقادر جي مڱ ۽ هن

جي ماءُ ڏانهن ڏٺو جي ڪارا برقعا پائي ويٺيون هيون ۽ ڪٽ جي جنڊيءَ لڳل ڪارن پاون وانگر لڳي رهيو ن هيون. جي شايد عبدالقادر ڪشمور مان گهرايا ها. نہ ڄاڻان تہ مرد ڪي فاحشہ لاءِ همدردي تي ڇڪي يا اهو احساسِ برتري ٿو ڇڪي تہ هُن گوناگون تجربي جي باوجود هُن ڪي چونڊيو آهي! مون اهڙا ڪيئي مثال ڏٺا آهن، جن جي بيان جي هتي گنجائش نہ آهي. هڪ اردوءَ جو شاعر مون سان ڪوهہ مريءَ ۾ مليو هو جنهن شاعريءَ جو هڪ پورو ڪتاب هيرامنڊيءَ جي هڪ پيشہ ور رقاصا تي لکيو هو. هاڻي هو نعتيہ ڪلام لکندو آهي ۽ اسلام جي مدح سرائي ڪندو آهي. مرزا رُسوا جو ڪتاب ”اُمراؤ جان آدا“، هنديءَ جو ناول ”چترليکا“، عبدالستار جو اُردوءَ ۾ ڪتاب ”ليليٰ ڪي خطوط اور مجنون ڪي ڊائري“ ساڳي ڪيفيت جي عڪاسي ڪن ٿا. اهي ڪتاب مون نوجوانيءَ ۾ پڙهيا ها. پو ۽ خبر پئي تہ ”ليليٰ ڪي خطوط“ فرينچ ناول نگار لاپيئريءَ جي ڪنهن ناول تان ورتل هو پر جنهن دؤر ۾ اهي ڪتاب ۽ بنگالي ناول نويس شرت چندر چٽرجيءَ جو ناول ”شِري ڪانتا“ ڇپيو هو. جنهن جو ترجمو مون سنڌي رسالن ”رتن“ يا ”سندر ساهتيا“ ۾ پڙهيو هو تنهن دؤر ۾ انهن ڪتابن هندستاني جوانن جي من ڪي ڏونڌاڙي وڌو هو. هر ڪوئي بازارِ حُسن جو رَسيا تي پيو هو. شوپاگر توءَ جو ڪلاسيڪي راڳ آهي:

”پيا جا جا موسے نہ بولو
سوتن کے سنگ بولو
بھور بھئے گھر آئے ہو میرے
کرت سنگھ نئے.“

منهنجي دوست رئوف قريشيءَ کي ياد ڪري اها سٽ بار بار منهنجي ذهن ۾ اُڀري ايندي آهي:

بھور بھئے گھر آئے ہو میرے۔

هو سولجر بازار ۾ رهندو هو ۽ نشي ۾ ڌُت تي باک جو گهر ويندو هو. منهنجي هڪ وڪيل دوست مون کي ٻڌايو تہ ”رئوف جي ڪراچيءَ جي سول اسپتال جي نرسز هاسٽل جي وارڊن گهري دوست هئي ۽ رئوف نرسز هاسٽل ۾ ايئن ويندو هو جيئن لکنئو وارو نواب واجد علي شاهہ پنهنجيءَ

حرم سرا ۾ ويندو هو.“

منهنجي وڪيل دوست وڏيڪ ٻڌايو تہ، ”ڇهہ مهينا اڳ منهنجي زال گذاري وئي هئي، مون رام سوامي واري گهر ۾ تنهائي تي محسوس ڪئي، ان ڪري رئوف کي چيم تہ ”يار ڪوئي بِلو ڪر!“ رئوف نرسن جو دادلو هوندو هو ۽ چپراسيءَ کي خرچ ڏئي ساري رات ڪنهن نہ ڪنهن نرس کي وٺي ويندو هو. منهنجي گذارش تي هن منهنجي لاءِ لي ڪاسٽا نالي هڪ ڪرستان نرس کي چيو تہ ”هي منهنجو دوست پاڻ کي تنها ٿو محسوس ڪري، هن جو خيال رکجانءِ.“ مون کي پنهنجي دوست ٻڌايو تہ ”لي ڪاسٽا مون سان هري مري وئي هئي، ان ڪري مان روز هن کي وڪٽوريا گاڏيءَ تي ڪلفٽن وٺي ويندو هوس، پوءِ ڪنهن بار ۾ بہ ٽي پيگ پي ڪيس هاسٽل ۾ ڇڏي ايندو هوس. هڪ ڏينهن بار مان اُٿي لي ڪاسٽا وڪٽوريا ۾ منهنجي آغوش ۾ ليٽي پئي ۽ چيائين تہ ”پنهنجي گهر وٺي هل!“ پارو ٽي پيو ۽ هن کي فراڪ مٿان فقط اوني سئيٽر پيل هو. مون پنهنجو اوور ڪوٽ لاهي هن جي بدن تي وڌو ۽ وڪٽوريا واري کي چيو تہ ”رام سواميءَ هل!“ هن بہ پيرا اک ٽيٽ ڪري اسان کي ڏٺو ۽ منهنجي اشاري تي منهنجي گهر ٻاهران گاڏي روڪيائين. مون لي ڪاسٽا کي پنهنجيءَ نيم غنودگيءَ مان اُٿاريو ۽ گاڏيءَ واري کي ياڙو ڏئي هيٺ لٿاسين. پوءِ مون گهر جو ڪلف کوليو. اسان مٿي وياسين. لي ڪاسٽا منهنجو اوور ڪوٽ ويڙهي منهنجي پرسان پلنگ تي ليٽي پئي. مون بجليءَ جو هيٽر هلائي ڇڏيو ۽ ڪمرو ڪافي گرم ٿي ويو. اوچتو لي ڪاسٽا مون کي ڀڪيءَ ۾ ٻانهون وجهي چيو ”مهرباني ڪري مون کي رئوف جي گهر سولجر بازار وٺي هل!“ رات جا ٽي لڳا ها ٻاهر ولهہ ٿي وسي ۽ هوا زوڪاٽ تي ڪيا. مون سمجهو تہ هوءَ چرچو ٿي ڪري، پر لي ڪاسٽا چيو تہ ”مون کي رئوف جي ياد ستائي ٿي، توکي مون برداشت ئي هن جي ڪري ڪيو آهي، ڇوتہ هن چيو هو تہ توسان ساٿ ڏيان.“ مون هن کي چيو تہ ”هي بہ ڪو وقت آهي، سولجر بازار هلڻ جو. تون هتي ننڊ ڪر، منهنجو وعدو آهي تہ مان سپاڻي توکي هن سان ملائيندس.“ پر هوءَ پنهنجي ضد تي اڙجي بيٺي مون کيس چيو تہ ”هھڙي اَويري وقت رڪشا ڪٿان ملندي ۽ جي ملندي تہ ڪلاڪ ڏيڍ سولجر بازار تائين پهچڻ ۾ لڳندو.“هن چيو تہ ”رڪشا نہ ملي تہ تون مون سان پنڌ هل!“

نيٺ مون پنهنجو اوور ڪوٽ هن کي پارايو ۽ پنهنجي قميص جي مٿان ٿلهو اوني سئيٽر پاتو. هيٽر وسائي، ڏهن منٽن کان پوءِ هيٺ لٿاسين. اتفاق سان اسان جي گهر جي سامهون وڻ هيٺان هڪ رڪشا ملي وئي، جنهن ۾ رڪشا وارو بلئنڪيٽ پائي سٽل هو. اسان ٻئي اُن ۾ چڙهي ويناسين.

رڪشا واري چيو تہ. "ههڙي سيءَ ۾ ڊبل ڪرايو وٺندو سائو."

"توکي ڊبل جو بہ ڊبل ڏيندس." لي ڪاسٽا وراڻيو.

سيءَ سيرون ٿي ڪيون. مٿان اُپ ۾ جڻ ستارا ڄمي ويا ها. هو هليو. لي ڪاسٽا مون کي جڏهن "ٿئنڪ يو" چيو تڏهن هن جي منهن مان گرم ٻاڦ نڪري رهي هئي. جڏهن رئوف جي گهر پهتاسين تہ ساڍا چار وڳا هيا. مون مٿي ڏاڪڻ تي وڃڻ کان انڪار ڪيو ڇو تہ مون سوچيو تہ مٿي رئوف هن جي زال ۽ ننڍا ٻار ننڊ ۾ هوندا. ان تي لي ڪاسٽا مٿي چڙهي وئي ۽ زور سان در کڙڪايائين تہ رئوف اوٻاسيون ڏيندي در کوليو. هن پنهنجي زال کي چيو تہ "سول اسپتال ۾ منهنجو هڪ دوست سخت بيمار آهي ۽ مون کي سڏي اچڻ لاءِ نرس موڪلي اٿائين. مون کي سئيٽر ۽ ڪوٽ ڏي ۽ تون در ڏئي وڃي سمهي پئہ. مان هن کان پڇي جلدي ٿو موٽان."

هو جيئن ڏاڪڻ مان هيٺ لٿا، مون کين چيو تہ "اوهان منهنجي گهر ۾ ترسي سگهو ٿا، مان مارننگ واڪ لاءِ هليو ٿو وڃان." پر لي ڪاسٽا ضد ڪيو تہ رئوف هن کي جبيس هوٽل ۾ وٺي هلي. جڏهن رئوف هن کي چيو تہ "مون پئسا نہ آندا آهن." تڏهن لي ڪاسٽا کيس چيو تہ "تون فڪر نہ ڪر، مون کي پرس ۾ پنج سئو رپيا آهن." رئوف مون کي ڏسي چيو "هيءَ تہ چري آهي، توسان ٻي نرس ٿو واقف ڪرايان."

"نہ مهرباني." مون رئوف کي چيو "مون کي پنهنجي تنهائي پسند آهي." مون دل ۾ سوچيو "عشق ڪنهن سان ڪبو نہ آهي، ٿي ويندو آهي!!"

لي ڪاسٽا "ڊارلنگ.... ڊارلنگ" چئي رئوف کي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌيون ۽ هڪ وڪٽوريا ڪري رئوف سان گڏجي منهنجي رام سواميءَ واري گهر ۾ موٽي آئي.

رئوف وري بہ معافي ورتي ۽ چيائين، "چيو هومانءِ تہ هيءَ اڌ پيگ کان وڌيڪ پچائي نہ سگهندي آهي. سچ ٻڌاءِ تہ رات گهڻا پيگ پيتا هئائين؟"

”ٽي يا چار“ مون جواب ڏنو.

”الاجي ڪنهن ڪنهن مرد ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي جا عورت وساري نہ ٿي سگهي، منهنجو دوست لي ڪاستا ڪي ائين وٺي ويو هو جيئن مون کي برنس گارڊن ۾ ڪاري ڊاک جا ڇڳا وٺيا هئا. جي اتان جا مالهي پئسا وٺي پٺي ڏيندا هئا. رئوف سان ايتري محبت جي باوجود هوءَ مون کي لاڙڪاڻي جي انهيءَ زيتون وانگر ٿي لڳي، جو ٽاريءَ تان پٽيو ويندو آهي. مون رئوف کان ٻي نرس نہ ورتي، پر کيس چيو تہ مون کي لي ڪاستا موٽائي ڏي“ رئوف جواب ڏنو”لي ڪاستا جنهن وقت بہ چيو مان اُن وقت هن کي تو وٽ پهچائيندس.“ مون کيس چيو”لي ڪاستا مصريءَ جي تڙ هئي، ۽ هن جي اکين ۾ جمونءَ جي رنگ جهڙا تارا هئا. تو ڪجيءَ جي تر مغزي ڏٺي آهي؟ هن جا هٿ ڪچڙيءَ تر مغزيءَ جهڙا هئا. محبت کان وڌيڪ ڪوئي شراب ناب نہ آهي. خدا جي هن گونا گون دنيا ۾ عورت رنگين ترين گل آهي، شيرين ترين چشمو آهي.“ رئوف پنهنجيءَ محبت جا واسطا ڏئي، مون کي وري لي ڪاستا سان وڪٽوريا تي ڪلفٽن ڏانهن موڪليو هوءَ منهنجي محبت ڏسي، مون تي موهت ٿي پئي ۽ وري رئوف ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ نہ چيائين. دراصل هن رئوف کي وساري ڇڏيو. جڻ هو سندس سار جي ٽاريءَ مان مرجهايل گل وانگر ڇڻي ويو. ڪائي ڪائي عورت مرد کي ايترو مُٺ ۾ آڻي ڇڏي ٿي، جو هن جي هر بي وفائيءَ جي باوجود مرد لاءِ هن کان جدائي ناممڪن ٿيو پوي!“

مون کي شيڪسپيئر جي ڊرامي”ويرونا ۾ ٻہ شريف ماڻهو“ مان ڪجهہ جملا ياد اچڻ ٿا،”سِلويا ڪير آهي؟ هوءَ ڇا آهي؟“ شل نہ انسان ڪنهن عورت ۾ سمائجي وڃي! هن جي ڪائي خطا هن کي نظر نہ ٿي اچي!“ هاڻي مان سوچيان ٿو تہ ”حسن بہ پائيدار نہ آهي، عشق بہ فنا پذير آهي. سارو اڄ ۾ رڄ جو پيڇو آهي، مجاز ان ازلي حقيقت جو پاڇو آهي، جنهن جي تلاش ۾ مون سڄي عمر گذاري آهي، پر حوا ۽ آدم جي اولاد کي منع ٿيل ميوي جي ايتري تمنا ڇو آهي؟“

لي ڪاستا مون ويجهڙائيءَ ۾ڏٺي آهي، هوءَ پوڙهي ٿي چڪي آهي. هن کي چپ جي مٿان سڄي پاسي ڪارو ڦڙو آهي ۽ ڪاڏيءَ تي بہ چار وار ۽ مٿئين چپ جي مٿان ڳيروءَ وانگر ريهہ آهي. هن کي چيلهہ ۾ ڏاڍو سور پوندو

آهي ۽ هوءَ ڪجهہ جهڪي هلندي آهي.

منهنجو متي ذڪر ڪيل وڪيل دوست اجا ڳاڙهو ڳٽول آهي، هو بدن ۾ پرجي پيو آهي، پر هن جا وار اڇا ٿي ويا آهن ۽ ديد جهڪي ٿي وئي اٿس ۽ ٻہ ڏند پڃي پيا اٿس، جي هن اجا وجهايا نہ آهن. هاڻي هن کي لي ڪاسٽا ياد بہ نہ آهي ۽ مسجد ۾ زمين تي نرڙ گسائي گسائي هن کي پيشانيءَ تي ڪارا داغ ٿي پيا آهن، جڻ تہ تقدير هن کي ڏنڀ ڏنا آهن.

ماڻهو چون ٿا، منهنجيءَ تحرير ۾ ابهام آهي، پر ڪائنات ۾ ڪيترو نہ ابهام آهي!

مون شاعري ائين تخليق ڪئي آهي، جيئن حوا کي آدم جي ڪک مان تخليق ڪيو ويو هو. مون ۾ متضاد جذبا، قابيل ۽ هابيل وانگر وڙهندا رهيا آهن. هن خونريزيءَ، فتنہ پروريءَ ۽ مڪاريءَ جي سيلاب ۾ مون نوح جي ڪشتي وانگر اُهي قدر محفوظ رکيا آهن، جي رکڻ گهربا هئا! اي بلاول! مون سڀ گهاٽا پيجي چڏيا آهن. پر سنڌي ذهن ۾ صدين جا وهم ۽ وسوسا آهن، ان ڪري مون هر واقعي تي غلاف چاڙهي چڏيو آهي ۽ تجربي کي نقاب پاتو آهي. هي روڳي ذهن مون کي هڪ صديءَ کان پوءِ سمجهندا.

رات جا ٻہ وڳا تہ مون کي جهپ لڳي وئي آهي ۽ مان خواب ۾ ڏسان ٿو تہ مان گهوڙي تي سوار آهيان ۽ هوا سان شرط پچائي رهيو آهيان، اوچتو مون ان جون تهران ۾ واڳون زور سان ڇڪيون، جنهن لينن گراڊ ۾ پيٽر جي گهوڙي وانگر نرا کنيا، مون هن جون واڳون ڇڪي هن کي بادام جي وڻ سان ٻڌو. منهنجي تحت الشعور ۾ ڪازان زاڪس جو هڪ شعر اڀري آيو:

”مون بادام جي وڻ کان پڇيو تہ ”خدا ڇا آهي؟“

بادام جو وڻ گلن سان جهنجهجي ويو.“

خواب ۾ تهران پهچي مان سوچيان ٿو تہ جي مان هتي آيو آهيان تہ نيشاپور ۾ خيام جي قبر تان ٿيندو وڃان ۽ هن کي آٿت ڏيندو وڃان تہ تون ٻئي جهان ۾ هاڻي گهڻو وقت اڪيلو نہ ٿيندين، مان اچان ٿو.

مون کي غالب جو شعر ياد اچي ٿو:

ہم پیشہ و ہم مشرب و ہم خوار ہے اپنا
غالب کو برا مت کہو اچھا مرے آگے.

پوءِ خيام کي چوان ٿو تہ،"مون کي تنهنجون سڀ رباعيون ياد آهن. مون کي اها رباعي ٻڌاءِ، جا توکي پنهنجن سڀني رُباعين کان وڌيڪ پسند هجي. قبر مان آواز اچي ٿو تہ،"مان هر ڪنهن کي رباعي نہ ٻڌائيندو آهيان، ڇوتہ ماڻهو نادان آهن ۽ مون کي ائين سمجهي نہ ٿا سگهن، جيئن توکي سمجهي نہ ٿاسگهن. مان توکي بہ صلاح ٿو ڏيان تہ پنهنجيءَ تحرير ۾ محتاط رهہ! توکي تہ معلوم آهي تہ غزاليءَ جي چرچ تي ماڻهن منهنجي رسدگاهہ کي باهہ ڏني هئي، جنهن ۾ منهنجين رُباعين کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ جلي ويو هو. مان پنهنجي دؤر جو وڏو مهندس ۽ منجم هوس ۽ منهنجون سڀ تحقيقون بہ ان باهہ ۾ تباهہ ٿي ويون هيون، پر تون شاعر پاڻ آهين ۽ دور دراز علائقي مان آيو آهين، توکي پنهنجي پسند جي رباعي ٻڌايان ٿو:

اسرار ازل رانہ تو دانی و نہ من،
ویں حرفِ معما نہ تو خوانی و نہ من،

ہست از پسِ پردہ گفتگو من و تو
چوں پردہ بر افتد نہ تو مانی و نہ من."

(ازل جي اسرار کي نہ تون ڄاڻين ٿو نہ مان،
هيءَ ڳجهارت نہ تو پڙهي آهي، نہ مان.
اسان ٻنهي جي وچ ۾ مان ۽ تون جو پردو آهي،
جڏهن پردو کڻيو ويندو تہ نہ تون رهندين، نہ مان.)

شاهہ ايران هن مشهور مهندس (Mathmetician) جي مقبري تي هندسي جي پابندي ضروري سمجهي هئي ۽ اُن کي اٺ ٿنيا ڏياريا هيائين ۽ مقبرو گنبذ جي شڪل جهڙو آهي. هر ٿنڀي تي گلڪاري ٿيل آهي ۽ ان جي تعمير ۾ سنگِ خارا استعمال ٿيل آهي.

(اهو ڪنهن چيو آهي تہ : "ڪاش ائين ٿي سگهي ٿو جو مئلن سان هڪ ڏينهن لاءِ ڪانفرنس ڪري سگهون.")

مان هن کي چوان ٿو"خيام! مان تنهنجو پاڻ آهيان ۽ تنهنجي ملڻ جي تمنا مون کي ڪتان ابلقِ ايام (وقت جي گهوڙي) تي وٺي آئي آهي! مون کي ائين هڪ رباعي ٻڌائي، ترڪائي نہ ڇڏ! گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻي بہ رباعي ٻڌاءِ."

هن ڳالهايو:

ایں یک دو روزہ عمر گذشت،
چوں آب بہ جویبار چوں باد بدشت،

ہرگز غم دومرا یاد نہ گشت
روزی کہ نیامدہ و روزی کہ گذشت.

(هي هڪ، ٻہ ٽي ڏينهن عمر گذري وئي
جيئن نديءَ ۾ پاڻي ۽ بيابان ۾ هوا،
مون کي ٻہ غم هرگز ياد نہ آيا
هڪ ان ڏينهن جو جيڪو نہ آيو آهي،
۽ ٻيو ان ڏينهن جو جيڪو گذري ويو.)

اتي مون کي خيال آيو تہ شيراز ۾ حافظ جي مزار آهي ۽ اتان ٻہ چونہ ٽيندو وڃان ۽ هڪڙي ٻئي اهلِ قبور سان ٻہ شعر گوئي ٿي وڃي. مون گهوڙي کي وڻ مان ڇوڙيو، اُن جي هني تي ويهي، هن کي جولان ڏياريو ۽ ڪافي سفر ڪري شيراز پهتس. رستي تي هوا ۾ لالا جا گل ايئن ٽڪرائجي رهيا هئا، جيئن رند خمار ۾ اچي هڪ ٻئي سان مٿو ٽڪرائيندا آهن.

"شيراز ايران جي پراڻي گادي هو جتي سعدي ۽ حافظ ڄاوا ها. سعديءَ جو مقبرو هڪ خوبصورت باغ ۾ آهي. اهو ڏسي سعديءَ جي هڪ سٽ ٿي ياد آئي:

زخاک سعدی شیراز بوءِ عشق می آید

(سعدي شيرازيءَ جي خاڪ مان عشق جي بوءِ اچي ٿي.)

هو نثر ۾ گلستان ۽ بوستان ۽ ڪيترن ئي خوبصورت غزلن جو مصنف هيو. سعدي پيدائشي شاعر هو. هن هڪ هنڌ چيو آهي:

مرا معلم عشقِ تو شاعری آموخت

(مون کي تنهنجي عشق جي معلم شاعري سيکاري)

حافظ ايران جو عظيم ترين شاعر هو ۽ هن جرمنيءَ جي عظيم شاعر گوئٽي کي ايترو متاثر ڪيو هو جو هن حافظ وانگر جرمن زبان ۾ غزل لکيا ها.
حافظ کي گلگشتِ مصليٰ نالي باغ ۾ دفنايو ويو آهي. هو سعديءَ کان

سئو سال پوءِ پيدا ٿيو هو. اڪثر حاڪم هن تي گهور ويندا ها. پر حافظ هر ڪنهن جي هر پيشڪش کي لت هڻي ڇيو:

نہ می دهند اجازت مرا بہ سیر و سفر
نسیم خاک مصلیٰ و آبِ رکناباد

(مون کي سير و سفر جي اجازت نہ ٿا ڏين
مصليٰ تي گهلندڙ هير ۽ رڪنا باد جو پاڻي.)

مون وانگر حافظ جو زمانو جنگ، قتل ۽ تباهيءَ جو زمانو هو! هو وسيع مشرب وارو شخص هو پر پاهران ڏکو رکڻ وارن جي سنگت هن کي نہ وڻندي هئي. انڪري هن تصوف ۾ ان جي معرفت جي اظهار ڏانهن ڏيان ڏنو.

مان جڏهن حافظ جي مزار تي پهتس تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويس تہ اُن جي پٿر تي يزيد جي عربيءَ ۾ هيءَ سٽ اُڪريل هئي:

”آلا يا ايُها الساق، آدر کاسا وناوَلها“
(اي ساقي! آءُ جام پر ۽ شراب جو دؤر هلي.)

مزار تي مون پڇيو ”حافظ! مون کي سڃاڻين ٿو؟ مان تنهنجو هم مڪتب آهيان.“

”ها“ حافظ جواب ڏنو. ”پنهنجي باري ۾ منهنجو شعر ٻڌندين؟“

”هائو“

مست بگذشتی و از خلوتیانِ ملکوت،
بہ تماشائی تو آشوب قیامت برخاست.

(پنهنجي مستيءَ ۾ هليو وئين ۽ توکي ڏسي ملڪوت جي خلوت واسين ۾ قيامت جو ترٿلو مچي ويو.)

”ڇگھو ٻيو شعر ٻڌايان؟“

”يلي.“

حدیث مطرب و مئے گو وراز دھر کمتر جو،
کہ کس نکشود ونکشاید بحکمت این معمارا.

(مطرب ۽ مئي جي ڳالهہ ڪر ۽ سنسار جو راز گهٽ ڳول،
ڇو تہ ڏاهپ سان هن ڳجهارت کي نہ ڪنهن پکو آهي ۽ نہ پيچي سگهجي ٿو.)

مان خواب مان جاڳي ٿو پوان. ڇا هي سڀ خواب هيو. اهي اهلِ قبور تہ پنهنجا يار ها! اسٽالن سان پنهنجو ڇا؟ جنهن جو لاش ڪريملن ۾ قبر مان ڪڍي ڪنهن نامعلوم جاءِ تي دفنايو اٿائون. نہ وري ڪنهن انقلابيءَ سان واسطو آهي، جنهن جا هٿ خون سان رڱيل آهن. دراصل اُهي انقلابي ۽ ڪيترائي سياستدان پليل ها، جن ڪي موت حرفِ غلط وانگر ڪٽي ڇڏيو آهي.

مان فارسيءَ جا شعر يادگيري لاءِ پنهنجي بستري تي رکيل نوٽ بُڪ ۾ لکي ڇڏيان ٿو. مون لينن گراڊ جي ڊائري، جا ڳولي لڌي آهي، اُها پڙهان ٿو:

ايتري ۾ لينا اچي وئي. مون هن کان پڇيو تہ هن ناشتو ڪيو آهي؟ ان کان پوءِ ڇا ٿيو سو آءٌ ياڳي هئي ۾ اڳي ئي لکي آيو آهيان.......

لينا اسان کي مئڪسم گورڪي پراسپيڪٽ ۾ وٺي آئي. گورڪي اُتي 1921ع کان 1944ع جي وچ تائين رهندو هو. مون مئڪسم گورڪيءَ جون ڪهاڻيون، آتم ڪهاڻيءَ جا ٽي جلد اڳي ئي پڙهيا ها، جي مون کي ڏاڍا وڻيا ها. ٽالسٽاءِ، چيخوف ۽ آندري فيف تي مئڪسم گورڪيءَ جو هڪ دلچسپ ڪتاب مون کي نبي بخش کوسي ڏنو هو. مارڪ سلونم جا ٽي جلد روسي ادب تي 1917ع کان 1990ع تائين بہ پڙهيل هئا، جنهن ۾ مئڪسم گورڪيءَ جي اديب جي حيثيت ۾ ڏاڍي ساراهہ ڪئي وئي آهي. روس جي سفر کان پوءِ مئڪس هيورڊ جو عالي شان ڪتاب ”روسي اديب“ بہ پڙهيو هو جنهن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ اسٽالن جا گورڪيءَ سان اختلاف ٿي پيا ها، انڪري اسٽالن جي چوڻ تي گورڪيءَ کي دل جي بيماريءَ جي باوجود ڊاڪٽرن مشورو ڏنو هو تہ هو ڏاڍو گهٽو پنڌ ڪري، جو هن جي موت جو ڪارڻ ثابت ٿيو هو. هي مان حافظي مان ٿو لکان، شايد ڪروشچوف، اسٽالن جي موت کان پوءِ، اسٽالن تي جيڪي الزام رکيا ها، اُنهن ۾ اهو بہ الزام هو. مئڪسم گورڪي هڪ ديانتدار اديب هو ۽ هن روسي پرولتاريت جي ڏکي حياتي ڏاڍي مهارت سان چٽي هئي. دراصل انقلاب کان پوءِ ٽي اشتراڪي روسي اديب ها، جي مون غور سان پڙهيا ها_ گورڪي، شولوخوف ۽ پاسترناڪ. پاسترناڪ تہ انقلاب جو مخالف هو پر اها حقيقت آهي تہ برصغير ۾ اهڙي ترقي پسنديءَ جي اجا ضرورت آهي، ڇو تہ روسي انقلاب تہ نهيو هتي پئرس ڪميون جهڙيون

حالتون آهن، جنهن وقت هي جملا لکان ٿو تہ ڪراچيءَ ۾ اٺو ويجي هڪ سئو ويهين رُپئين ڏهہ ڪلو ٿيو آهي ۽ عوام ڪنهن انقلاب لاءِ واجهائي رهيو آهي. اسلامي ادب مان عوام کي ڪو اُتساهہ نہ ٿو ملي. ڪوئي ان ڳالهہ تي اکيون ٻوٽي تہ ٻيلي ٻوٽي، منهنجون دعائون نثري نظم جا شهپارا هيون ۽ اسلامي دنيا ۾ هڪ بي مثال شيءِ آهن ۽ مان خوداعتماديءَ سان چئي سگهان ٿو تہ ان پائي جو ٻيو ڪتاب خليل جبران "پيغمبر" لکيو هو پر جبران عيسائي هو. مون کي اهو ڏسي افسوس ٿيو تہ جيتوڻيڪ انهن ۾ مون پوريءَ انسان ذات لاءِ دعائون گهريون آهن ۽ انهن ۾ ڪوئي تعصب نہ آهي، پر سنڌ جي نوجوانن اُن ڪتاب کي بہ مسترد ڪري ڇڏيو آهي. شايد اُن ڪتاب جو اسلامي پس منظر انهن کي ڳورو ٿي لڳو! شايد ان جو گيٽ اپ اٺويهينءَ صديءَ وارو هو! شايد سنڌ جا اقتصادي ۽ سياسي مسئلا سنڌ کي ايترو ويڙهي ويا آهن، جو هو اهڙي ڪنهن بہ ڪتاب ڏانهن توجهہ نہ ٿا ڏين جو اُهي مسئلا حل نہ ڪري سگهي. نہ وري بيدل مسرور بدوي، جنهن ڏاڙهي رکي آهي ۽ نماز پڙهندو آهي. منهنجو نظم 'انقلاب ڳاءِ' ڳائي ٿو.

آرٽ سان وابستگي منهنجي اتوٺ ۽ اَٽل آهي، پر ايترين ابتر سماجي حالتن ۾ عوام جي ڏک درد تي اکيون ٻوٽجي نہ ٿيون سگهجن. ساڳي حالت هسپانوي مصور گويا جي هئي، جنهن نهايت عظيم ۽ پائيدار آرٽ ڇڏيو آهي. افسوس آهي تہ اشتراڪيت، سرمائيداري، اسلامي سوشلزم ، مسيحي سوشلزم، جمهوري سوشلزم، انارڪزم وغيره سيئي دنيا ۾ ناڪامياب ٿيون آهن ۽ انسان جا بنيادي مسئلا اُهي ئي آهن، جي صديون اڳي هيا. هن دؤر کان تہ ٻڌ ۽ مهاوير جو دؤر چڱو هوندو هو جڏهن انسان کي پيٽ جي بُک تہ هوندي هئي، پر من جو چين هوندو هو. انسان آرام جي ننڊ ڪندا ها ۽ اَسُر جو اُٿي پوڄا پاٺ ڪندا ها ۽ هاڻي وانگر سارو ڏينهن ٻيچ پيچان، ميڙ ميڙان ۽ وٺ وٺان ۾ رُڌل نہ هوندا ها. رڳو اوم، نمر، شانتي، چوندا ها تہ سندن من کي ڏير اچي ويندو هيو. هي اقتصاديات جو دؤر آهي، اخلاقيات جو دؤر نہ آهي. ماٺهو اشياءِ صرف ۾ گم ٿي ويو آهي ۽ پاڻ ۾ ٽپي نہ ٿو ڏئي. هن ڪان انتر ڏيان ۽ آتم ڏن سڀ ڦرجي ويو آهي ۽ هُو مايا ڏوتيءَ جي چڪر ۾ اچي ويو آهي.

قطع ڪلامي معاف.

مئڪسم گورڪي پراسپيڪٽ ڪان رستو رووليوشن اِسڪائر ڏانهن

ٿي ويو. وچ تي گهاٽا وڻ هيا، جن تي چوٽين ڪان مٿاهين مسجد ۾ سونهري مينار هيا. انهيءَ مسجد جي طرزِ تعمير تيمور لنگ جي مسجد وانگر چٽئي ٿي وئي.

پوءِ مون لينا کي چيو تہ، ”مون کي رولو ڪُتي واري ڪئفي ۾ جي شاعر ايندا ها، اُنهن جون جايون ڏيکاري“ پر هُو شايد لينن گراڊ جا مستقل رهواسي نہ هيا.

هن چيو تہ، ”اليگزينڊر بلاڪ هڪ عظيم آرٽسٽ هيو جنهن ڪلاسيڪي روسي ادب ۽ جديد روسي شاعريءَ کي ترقي ونائي هئي. هو جنگن ۽ انقلابن جي دؤر جو شاعر هيو. هن 1904ع واري روس ـ جپاني جنگ ۽ 1914ع واري پهرين جنگ عظيم ۽ فيبروري ۽ آڪٽوبر وارو انقلاب ۽ خانہ جنگي بہ ڏٺي هئي.“

لينا مون کي هڪ نظم مان ڪجهہ سٽون ٻڌايون:

”او روس! منهنجا ٻڪايل ۽ پينو روس!
ڪنهن واچوڙي وانگر تنهنجا گسارا ۽ ڪرڙا،
وائڙا ۽ وحشي گيت،
مون لاءِ پيار جي پهرين اوچنگارن وانگر آهن.“

هُن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو هو تہ، ”مان اوندهہ ۾ سُتو پيو هوس تہ مون واچوڙي جي لڳاتار گجگوڙ ٻڌي مون سمجهيو تہ ڪوئي زلزلو آيو آهي.“

”انقلاب جي سنگيت هن جي مشهور نظم، ”ٻارنهن“ مان واضح آهي پوءِ بلاڪ کي ياد آيو هو تہ اُهو نظم هن تمام ٿوري وقت ۾ (ساڍن ٽن هفتن کان وڌيڪ) مڪمل ڪيو هو جنهن وقت هن ڏٺو هو تہ انقلاب طوفان وانگر اچي رهيو آهي. سمنڊ، قدرت، زندگي ۽ آرٽ ۾ زبردست اُٿل پُٿل پيدا ڪئي اٿائين. اُن نظم ۾ رقص ۽ ترنم آهي ۽ پس منظر ۾ پيٽرسبرگ جون برفاني گهٽيون آهن، جن جي شاعريءَ جي هن کي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي.“

لينا وڌيڪ ٻڌايو تہ بلاڪ هن نظم ۾ چيو آهي:

”ڪاري شام
سفيد برف،
طوفان! طوفان!

شاعريءَ ۾ فقط هڪ عورت وانگر نظر اچن، تيون نہ چاڻان تہ تيرٿ وسنت هاڻي ڪٿي آهي؟ دهليءَ ۾ يا سُرڳ ڌام ۾!؟*

ٻيڙاپو هڪ ٻيٽ آهي، جنهن جي چوڌاري سمنڊ چوليون هڻي رهيو آهي. ڪيئن بہ هجي! سڀ ئي تہ هليا ويا آهن. پراڻا يار ۽ گهٽگهرا، جن جي صحبت ۾ روح گلاب جي گل وانگر ٽڙي پوندو هو. جيڪي رهجي ويا آهن، اُهي بہ مرجهائجي ويا آهن، ڇڻي رهيا آهن. ڪن جون پتيون بہ اُترجي هوا اڏائي وئي آهي، دل چاهي ٿي تہ آواگوَن جو نظريو سچو هجي!

هاڻي مان وَري لينن گراڊ جي ڊائري اُتاريان ٿو ۽ اُن مان اُهي ٽڪرا چڏي ٿو ڏيان، جي اڳي شايع ٿي چُڪا آهن.

لينا چيو تہ "ائنا اخمتوا سينٽ پيٽرسبرگ جي هئي. ائنا اخمتوا جي پهرين مُڙس گوميلوف کي گولي هڻي ماريو ويو هو جيڪو سيني روسي شاعرن جو چيئرمين هيو ۽ ائنا اخمتوا جو اڳيون مڙس هيو. انڪري دانشور طبقي جا اڪثر نمائندا روس ڇڏي هليا ويا هئا ۽ پئرس ۾ ننڍي پيٽرسبرگ ٺاهي هيائون. انقلاب واري دؤر ۾ پاسترناڪ، جو پيٽروگراڊ ۾ پهرين سوويت ڪانگريس وقت موجود هو، تنهن لينن جو اکين ڏٺو احوال ڏنو آهي:

"۽ اوچتو هو روسترم (Rostrum) تي اچي رهيو هو. ساري دؤر جي پير – ڪڙين جي باري ۾ سوچي مون چيو "هڪ جينئس جو ظهور ٿيو آهي، جو هر ظلم ۽ ستم جو بدلو وٺي ٿو."

انقلاب کان پوءِ هر ميوزم ۽ چرچ جا مال خزانا ڦرلٽ ڪري ٻاهر ڪنا ڪيا ويا ۽ لٽيا ويا. اليگزينڊر بلاڪ، جنهن کي سينٽ پيٽرسبرگ جي تباهيءَ جو ڄڻ علمِ سابقہ هيو، تنهن پيٽروگراڊ جي طوفان ۾ يسوع جا ٻارنهن حواري ڏٺا ها، جن جا هٿ خون ۾ رڱيل ها ۽ يسوع، انهن جي پٺ تان هڪ سفيد پوت وانگر اچي رهيو هو. هن سپاهين جي اکين ۾ عجيب ۽ غريب ڪيفيت ڏٺي، جڏهن هو ٻئرڪن ڏانهن موٽي رهيا ها.

لينا وڌيڪ چيو تہ "غارتگرن کي ڪائي پرواهہ نہ هئي، تہ دنيا جون حالتون تهہ وبالا ٿي رهيو هيون ۽ هنن اِن تي ڪائي روڪ رڪڻ نہ ٿي چاهي ۽ سلطنت سان دانشورن جي بيزاري ائين ٿي لڳي، جيئن پهرين جنگِ عظيم

---

* تيرٿ وسنت 1994ع ۾ گذاري ويو.

وقت ٿي لڳي. انقلاب پهرين جنگِ عظيم جو لازمي نتيجو هو.“
هيءَ هُئي سينٽ پيٽرسبرگ، جهن تي مشهور ناول نويس آندري بيلي هڪ شاندار ناول لکيو هو جنهن ۾ لکيل هو تہ ”ڪُٽ جو ڪارو گهوڙي سوار جڙ حالتن تي هڪ لرزه خيز ۽ حيرت انگيز تبصرو ڪري رهيو هو. هن جو ڪارو گهوڙو نرا ڪٽي آسمان ۾ ڪا عبرت انگيز ڳالهہ ڏسي رهيو هو جا مستقبل جي پيٽ ۾ سانڍي وئي هئي. مجسمي جي پرسان لئمپ پوسٽون آهن ۽ اتي آسمان ۾ ڪڪر چائنجي ٿي ويا تہ دل دهلجي ٿي وئي. ڇا هُو آڪٽوبر انقلاب ڏسي رهيو هو يا هوا مان نازي هوابازن جي بمباري ڏسي رهيو هو جنهن ۾ لکها ماڻهو مري ويا ها ۽ جڏهن برف سان ڄميل ڍنڍ لُڊوگا (Ludoga) مان لاريون گهيراوَ ۾ آيل شهرين لاءِ روٽي کڻي ايندڙيون هيون، تڏهن برف ۾ ڦاسي پونديون هيون. هٽلر جي نيت اها هئي تہ لينن گراڊ کي تباهہ ڪيو وڃي ۽ هو دُور دُور تائين قبرستان ڇڏي ويو. سينٽ پيٽرسبرگ کان سواءِ يورپ جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي.“
دوستو وِسڪيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”سينٽ پيٽرسبرگ ۽ ماسڪو کان وڌيڪ متضاد شهر ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ پر اُهي ٻئي روسي زندگيءَ جا مرڪز آهن.“
سچ تہ اهو آهي تہ اهي ٻئي هڪ مرڪز آهن. ان کان بهتر روس جي ٻئي ڪنهن شهر ۾ روس جي حقيقت جو اظهار ٿي نہ ٿو سگهي.
سينٽ پيٽرسبرگ پٿر جو هڪ نهيل شهر آهي ۽ نيوا ندي بالٽڪ سمنڊ ڏانهن هڪ روايتي رستو آهي ۽ اُها ڊينيپر نديءَ تي کُٽي ٿي. اٽڪل هڪ صديءَ کان ڪجهہ وڌيڪ عرصو ٿيو تہ اُتي شاعر اليگزينڊر بلاڪ، پُشڪن، ميخائيل لرمنتوف (جو جڙ روس جو لارڊ بائرن هو) ۽ نڪولائي گوگول جهڙا اهم ماڻهو اچي رهيا ها ۽ اُتي ادبي تخليق ڪئي هيائون. اُتي ئي انقلابي مضمون لکيا ويا هئا ۽ انقلابين جو نئون نسل پيدا ٿيو هو. اُتي ئي بيلنسڪيءَ ۽ چرني شيوسڪيءَ جهڙا ادبي نقاد پنهنجي ڪار ۾ مصروف رهيا ها. مون بيلنسڪيءَ کي پڙهيو آهي، نهايت دلچسپ نقاد آهي. اُتي ئي 1917ع ۾ بالشيوڪ ڪُو (Coup) ٿيو هو. اُتي ئي دوستو وسڪيءَ ۽ ٻين ويهن انقلابين جي موت جو آرڊر ٿيو هو ڇاڪاڻ جو هو انقلابي خيال ڦهلائي رهيا ها. آرڊر ۾ هيو تہ فائرنگ اِسڪواڊ جي سامهون آڻي، اُنهن کي

معافي ڏني وڃي. موت جي ايتريءَ ويجهڙائي دوستو وسڪيءَ جي خيالن کي ڊانواڊول ڪري وڌو هو ۽ هو مسيحت ڏانهن رجوع ٿيو هو. موت کان فقط ڊيٿ ماڻهو اثر انداز نہ ٿيندا آهن. مان 1980ع ۾ جڏهن دل جي پهرين دؤري سان ڪارڊيو وئسڪيولب انسٽيٽيوٽ ۾ هوس، تڏهن پنهنجي پٽ انيس کي چيو هيم تہ فقط منهنجي دوست يوسف شاهين کي اطلاع ڏي ۽ اها ڳالهہ اخبار ۾ نہ اچي. اتفاق سان اُنهن ڏينهن ۾ عبدالرحمان پليجو جيڪو يوسف جي آفيس ۾ ڪم ڪندو هو اُن کي بہ يوسف ساڻ وٺي آيو. پليجي ڪميونسٽ واري موت سان لاپرواهي ڏيکاريندي منهنجي دلجوئي تہ نہ ڪئي، پر طنز سان چيائين، ”ماڻهو ائين بہ بي معنيٰ موت مري ٿا وڃن، الائي ڇو انقلاب لاءِ مرڻ کان ڪيٻائن ٿا.“

مون کي ڊاڪٽر سختيءَ سان منع ڪئي هئي تہ ڪنهن ڳالهہ تي غصو نہ ڪاوان. عبدالرحمان پليجي سان منهنجي ہي ملاقات تڏهن ٿي هئي، جڏهن مان روزاني ”برسات“ جو چيف ايڊيٽر هوس. هو يوسف سان ملڻ آيو هو. هن کي گلي جي ڪئنسر ٿي پئي هئي، جنهن جي هن آپريشن ڪرائي هئي. هن کي گلي جي ہنهي پاسي ڪپڙي جو پٽو ٻڌل هو. مون هن سان همدردي ڪئي، احوال وتو ۽ اهو نہ پڇيو تہ اڃا هو ڪيترو انقلابي آهي؟

مون لينن جي زال ڪروپسڪايا تي ڪتاب پڙهيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ لينن آخرين ڏينهن ۾ هڪ قابلِ رحم معذور انسان هو. مون کي ڇهہ پيرا هارٽ اٽيڪ ٿي آهي. رڳو هڪ ڀيرو مون اخبار روزاني برسات ۾ ڏياريو تہ منهنجي لاءِ منهنجن پڙهندڙن کي اپيل ڪئي وڃي تہ مون لاءِ دعائون گهُرن. سنڌ ۾ ايتريون دعائون گهريون ويون، جو موت جا هٿ منهنجي گلي ۾ ڍرا ٿي ويا. ڪيترا نہ گلدستا مون وٽ آيا ها ۽ اِنٽينِسِو ڪيئر يونٽ (Intensive Care Unit) جي ٻاهران ماڻهن جا هجوم ڪنا ٿيا هئا ۽ ماڻهو ڪٿان ڪٿان آيا ها! رڳو نظرياتي دوست ئي نہ آيا هيا! نظرياتي دوستي بڪواس آهي. دوستي فقط ذاتي ٿيندي آهي، اتفاق سان اها نظرياتي بہ ٿي پوي تہ اُها ہي ڳالهہ آهي!

نور محمد خوجو ۽ عمر قاضي منهنجا نوجوان دوست آهن، جيتوڻيڪ انهن سان نظرياتي دوستي نہ آهي! مون ڏٺو آهي تہ اڪثر شاعر ۽ اديب چڱا انسان ناهن ۽ هنن مان مهر ومحبت جي توقع عبث آهي. زندگيءَ مون کي

شوپنهار جيترو قنوطيت پسند ٻڌائي چڙيو آهي. اُها ئي ڳالهہ آهي تہ سنڌ جو نئون نسل مون کي قدر ۽ محبت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. مون هڪ هنڌ لکيو آهي تہ، ”جي هڪ اديب جو همعصر، هن جيترو هم اثر نہ آهي، تہ هو انهيءَ اديب جو دشمن ٿيندو؟“

مون زندگيءَ ۾ دوست ۽ دشمن جي پرواهہ کان سواءِ ادبي تخليق ڪئي آهي. جيتوڻيڪ مان ڪاريهر جي ڇپ ڪپي سگهندو آهيان ۽ ٻگهڙ جا ننهن وڍي سگهندو آهيان، پر مون پاڻ تي تنقيد جو جواب وقت جو زبان سمجهيو آهي. مان پنهنجي رستي تان رمندو ويو آهيان ۽ ڪنهن قلندر وانگر ڪُتي تي لٺ بہ اولاري نہ اٿم.

وري لينن گراڊ ڏانهن پُٺ تي موٽان ٿو:

لينن گراڊ هر شهر کان وڌيڪ تجريدي ۽ تصوراتي شهر آهي. آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڪجهہ لکڻ وسري ويو آهي، جو ڊائري ڏسي هتي لکي ٿو ڇڏيان:

”اسان کي لينا ٻڌايو تہ 1941ع ۾ جڏهن جرمن هتي ڪاهي آيا ها، تڏهن پترا پئليس جي ميوزيم جي ڪيوريٽر کي ايترو وقت بہ نہ مليو هيو جو هو آرٽ جا سڀ شهپارا ڪڍي سگهي. 1943ع ۾ جڏهن جرمن پٺتي هٽيا، تڏهن هو پترا پئليس کي بم هڻي اڏائيندا ويا.“ ڪير ٿو چوي تہ انسان ۾ ترقي آئي آهي؟

انسان ۾ اڃا چيتو ۽ ٻگهڙ آهي، جيڪو نہ ٿو چاهي تہ هو ڪنهن کي ڳڙڪائي رهيو آهي. رهزن جي دشمني نابين ٿيندي آهي، هن ۾ چيرڦاڙ جو جذبو اجهل آهي، ڪاوڙ هن کي ڪنهن ڪوراڙ وانگر ويڙهي ٿي وڃي.

ڏاڍي ٿڌ هئي ۽ لينا چيو تہ، ”هتي فقط ستر ڏينهن ٿيندا آهن، جڏهن سج اُڀرندو آهي.“ پوءِ اسان چيس بورڊ ڪئسڪيڊ (Chess Board Cascade) ڏانهن وياسين. اُتي پٿر جي شطرنج جي بساط ٺهيل هئي ۽ مٿان ڦوهارو وهي رهيو هو. اُن کان پوءِ اسان مصنوعي اوڪ (شاهہ بلوط) جي چشمي ڏانهن وياسين. پرسان سنگ مرمر جون بينچون رکيل هيون. لينا اسان کي ٻڌايو تہ ”پيٽر کي خوبصورت عورتون ڏاڍيون وڻنديون هيون. ان ڦوهاري ۾ اهڙي ڳل آهي، جو سهڻيون ائرسٽو ڪرٽ عورتون جڏهن زرق برق لباس پائي، ٺهي سنبري بينچن تي ويهنديون هيون، تڏهن پيٽر ڳل کي

ڏہائيندو هو تہ بينچن هيٺان پاٽي نڪري ايندو هو ۽ ان تي گهبرائجي اُهي عورتون فراڪ مٿي ڪري، ٽڙا ٽڙڪائينديون پڄنديون هيون.“ اُتان لينا اسان کي هڪ ڪمري ۾ وٺي آئي، جتي جنگ کان اڳ ۽ جنگ کان پوءِ پترا پٽليس جا فوٽا ٽنگيل هُئا، جن ۾ جنگ کان پوءِ فقط سڙيل ديوارون نظر اچي رهيون هيون. لينا جا بہ ماما جنگ ۾ ماريا ويا ها. مون هن کي چيو تہ ”تون اُن وقت تہ ڄائي بہ نہ هئينءَ، ڇا توکي بہ جرمنن لاءِ نفرت آهي؟ ڇا اها ڳالهہ وسري نہ سگهندي آهي؟“ ان تي بانوءَ قدسيہ چيو تہ، ”ڇا نفرتون بہ وسري سگهنديون آهن؟“ هوءَ اصل گورداس پور جي آهي. ورهاڱي کان پوءِ ڇا ٿيو اِهو ٻڌائيندي هن کي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ها. اُهي اُگهندي هن چيو تہ، ”اوهان سنڌي مسلمانن ورهاڱي کان پوءِ ڇا سٺو آهي، جيڪي اسان سٺو آهي! اسان لاءِ هندستان هميشہ لاءِ دارالحرب رهندو. دارالامان نہ ٿيندو.“

لينن گراڊ هوٽل ۾ جڏهن رات جي ماني کائڻ وياسين، تڏهن اسان کي هڪ روسي ڇوڪري مليِ ۽ پڇيائين تہ، ”تنهنجو دوست هاٽي ڪيٿن آهي؟“

مون هن کان پڇيو تہ، ”ڇا اسين ڪٿي مليا آهيون؟“

”ماسڪو جي فارين ڪميشن جي آفيس ۾.“ هن جواب ڏنو هوءَ خاطر غزنويءَ لاءِ پڇي رهي هئي. پڇا تي معلوم ٿيو تہ هوءَ لُڊميلا هئي، جا شراب نوشيءَ وقت فيض احمد فيض سان ساري ساري رات ساٿ نباهيندي هئي ۽ هن کي جام تي جام پري ڏيندي هئي. هوٽل ۾ اسان ڪجهہ ڪوپيڪ ڏئي، چاءِ جا گلاس گهرايا ۽ ميز تي اچي ويٺاسين. پر واريءَ ميز تي ٽي ڇوڪرا ۽ ٽي ڇوڪريون ويٺيون هيون. هڪ ڇوڪرو هڪ ڇوڪريءَ کي ڀاڪر ۾ جهلي ڳچيءَ تي چميون ڏئي رهيو هو. ٻيو هن جي سامهون چاءِ پي رهيو هو ۽ هن کي ٺڪيءَ مُرڪ سان ڏسي رهيو هو. ايتري ۾ انهيءَ ڇوڪري ڇوڪريءَ کي ڇڪي هن جي چپن تان چمي ورتي. مون سرگيءَ کان پڇيو تہ،

”هي ڪهڙي قوميت جا آهن؟“

سرگيءَ جواب ڏنو تہ، ”ڇوڪرا پول آهن ۽ ڇوڪريون روسي.“ هن وڌيڪ چيو تہ، ”ڇوڪريون يا هنن سان عياشيءَ لاءِ گڏ آهن يا ٻي ڪنهن سبب لاءِ.“

**7.8.1976 جي ڊائري**

اڄ ٽين بجي رات جو جاڳ ٿي هئي تہ صبح ٿي ويو هو ۽ بارش پئجي رهي هئي. ڪجهہ دير کان پوءِ اُٿيس تہ اڃا بہ بارش پئجي رهي هئي. گرم پاڻيءَ جي ٽب ۾ وهنجيس. آسڪر وائيلڊ وانگر مون سوچيو "زندگي خوشگوار لمحن جو نالو آهي." مون جڏهن بہ ڪنهن شاعر يا شاعره کي چوندي ٻڌو آهي تہ، "زندگي مشڪل آهي،" تڏهن دل ۾ آيو آهي تہ هن کان پڇان تہ، "ڇا کان مشڪل؟" اردوءَ جي شاعره سارا شگفتہ چاهي ها تہ زندگيءَ کي خوشگوار بڻائي سگهي ها ۽ مون کي هُن جي خودڪشيءَ تي احمد سليم جو ڪتاب نہ پڙهڻو پوي ها ۽ هن کي ريل جي پٽڙيءَ تي ڪنڌ رکڻو نہ پوي ها! نہ مايا ڪو وسڪي خودڪشي ڪري ها، جي هو پنهنجين ٽنهي محبوبائن سان واري وٽيءَ سان نڀائيندو اچي ها! بهرصورت مان هاڻي سوچي رهيو آهيان تہ جي زندگي مون کي ٻيهر ملي تہ اُن ۾ ايئن درستيون ڪريان جيئن هن ڪتاب جي مَسودَي ۾ ڪري رهيو آهيان.

ٽب مان وهنجي مان نڪتو هوس تہ سرگي آيو ۽ چيائين، "شيخ صاحب جلدي ڪرو پترڪار آني والا هئہ." هو پترڪار صحافيءَ کي چوندو هو. ساڍي ڏهين بجي سوويت نيوز ايجنسيءَ جو نمائندو آيو. هتي ٻي ايجنسي "تاس" آهي، جا سرڪاري آهي. باقي ٻيهرين ايجنسي سرڪاري نہ آهي، جا ڪروڙن ۾ ڪتاب ڇپائي يڪدم ٻاهر موڪلي ڏيندي آهي. (اهي ڪتاب جي انقلاب جي خاتمي کان پوءِ ڊنيوب نديءَ ۾ اُڇلايا ويا.) لينن گراڊ جي ٻُڪ اسٽالن تي ايڪڙ ٻيڪڙ انگريزيءَ ۾ ڪتاب موجود آهن. مون پترڪار کي چيو تہ، "روس ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ترقي سوشلسٽ انقلاب جي افاديت جي ثابتي آهي. اسان جا روسي عوام سان دوستانہ تعلقات آهن. روسي عوام پرخلوص آهي، وغيره."

هن چيو تہ، "اسان جا هندستان سان بہ اهڙا ناتا آهن، جهڙا پاڪستان سان ۽ مون کي اُميد آهي، تہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ تعلقات چڱي صورت حال وٺندا."

مون هن کي چيو تہ "اهو فيصلو ٻنهي ملڪن جي سرڪارن کي ڪرڻو آهي ۽ اڃا ڪشمير جو مسئلو حل نہ ٿيو آهي." اسان کي ڪشمير جي مسئلي تي گهڻو نہ ڳالهائڻ لاءِ اڳيئي تاڪيد ٿيل هو.

بانو قدسيہ هن کي چيو تہ ”ڪارخانا ۽ ميوزيم تہ هين بہ گهٽي ٿي ملڪن ۾ آهن، پر هتي جيترو هارن، پوڙهن ۽ عورتن جو خيال رکيو ويجي ٿو اُن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي.“

پترڪار چيو تہ: ”هتي مسجد بہ آهي ۽ يهودين جو گرجا گهر بہ آهي ۽ عيسائين جون ڪافي ديولون بہ آهن.“ اهو هن ڇاٽي واٽي چيو هو تہ مون کي تعصب کان نفرت آهي ۽ اها ڳالهہ هن کي منهنجي فائيل مان معلوم ٿي هوندي. هن اهو بہ چيو تہ ”هتي ڪافي تاتاري مسلمان رهن ٿا.“ بانو قدسيہ مسجد ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري. پترڪار سگريٽ منهن ۾ اُبتو رکيو ۽ فلٽر کي باهہ ڏنائين. بانو قدسيہ اُردوءَ ۾ چيو تہ ”مون هڪ عورت سينٽ نڪولس چرچ ۾ ڏٺي، جا پاڻ کي ڪراس ڪري روئي رهي هئي. مان پانيان ٿي تہ انسان ذات جا ڳوڙها بہ هڪ جهڙا آهن، اذيت جي ڪيفيت بہ هڪ جهڙي آهي ۽ نفرت بہ هڪ جهڙي آهي.“

اهو ٻڌي، سرگي، جو اردو سمجهي سگهندو هو تنهن منهن گهنجايو شايد اشتراڪي، سرمائيداري ۽ پرولتاري ڳوڙها الڳ الڳ رنگ جا ٿيندا آهن! دراصل ڳوڙها ئي هر ناڪاميابي ۽ مصيبت ۾ نجات ٿيندا آهن!

پترڪار وڏيڪ ٻڌايو تہ ”هتي نوي في صد عورتون ٽيڪسٽائيل انڊسٽريءَ ۾ آهن ۽ ڪيتريون ئي عورتون ادارن جون ڊائريڪٽر بہ آهن.“ هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ”هو جڏهن سورنهن سالن جو هو، تڏهن نازين لينن گراڊ تي حملو ڪيو هو ۽ هتي اٺ لک ماڻهو مئا هُئا. صحافيءَ جو ڪوٽ ڦاٽل ۽ ميرو هو ۽ ڳچيءَ ۾ ٽاءِ بہ ڪانہ هيس. مون کي هتي ٽاءِ ورلي نظر آئي آهي. شايد اها صليب جي نشاني آهي تنهن ڪري! منهنجي ٽاءِ ڏسي هوائي جهاز ۾ اسٽوئرڊيس چيو هو ”واهہ جو ٽاءِ آهي!“

ڪالهہ موئيڪا واهہ جي ڪناري تي وياسين، جتي ڪائونٽ يوسوپوف جو محل هو جنهن ۾ راسپوٽين کي سائنائيڊ زهر پياريو ويو هو پر جڏهن هن تي زهر اثر نہ ڪيو هو تڏهن هن کي گوليون هنيون ويون هيون. ڪار جي ڊرائيور چيو تہ ”راسپوٽين هڪ مهربان ماڻهو هو ۽ عورتون هن تان گهور ويندبون هيون.“ راسپوٽين جي باري ۾ مان ذڪر اڳيئي ڪري آيو آهيان.

پترڪار اسان کي انهيءَ فليٽ تي وٺي ويو جتي لينن انڊر گرائونڊ

رهيل هو ۽ جتان ٻاهر نڪري هو سمالني انسٽيٽيوٽ ۾ ويو هو. ان ڳالهہ جو نهايت خوبصورت جان ريڊ جي ڪتاب ”ڏهہ ڏينهن جن دنيا کي ڏوڏي ڇڏيو“ Ten days that Shook the world جو تفصيل تڏهن لکندس، جڏهن ون يونٽ خلاف تحريڪ تي لکيم. جڏهن پوريءَ سنڌ ۾ منهنجي شاعريءَ آمريت لاءِ ٻاهہ ٻاري ڏني هئي. لينن ڳهٽيءَ جو وڏو ماهر هو هن جي رهڻيءَ سان منهنجو واسطو نہ آهي. انهيءَ مختصر دؤر ۾ هر انسان جي دل زلزلي ماپ جي اوزار وانگر ڌڪي رهي هئي. لينن اٽڪل 25 جاين تي انڊر گرائونڊ رهيو هو ۽ تقريرون ڪيون هئائين.

اوچتو مون کي ڪامريڊ نازش ياد آيو. لينن ڪٽ ڏاڙهي، وات ۾ لينن وانگر پائيپ ۽ قد ڪاٺ ۾ بہ لينن جيترو آهي. هو ڪيئي سال انڊر گرائونڊ رهيو. ڪڏهن ڏينهن جا ڏينهن ڪامريڊ عثمانيءَ وٽ اچي مهمان ٿي رهندو هو ۽ ڏهہ ٻارنهن ڏينهن رهي رمندو رهندو هو. شايد ٻي ڪنهن آساميءَ وٽ مهمان ٿي رهندو هو. لينن جي سُنت تي هلندو هو. جڏهن بہ مون هن کان پڇيو هو تہ، ”ڪامريڊ! انقلاب ڪٿي پهتو آهي؟“ تڏهن هو چوندو هو تہ ”ڪارخانن ۾ مزدور منظم ٿي ويا آهن ۽ ڪنهن وقت سرخ پرچم ڪٽي مارچ ڪندا نظر ايندا.“ رسول بخش پليجو هن جي ٻين دوستن کي، جي هن سان گڏ نعپ ۾ ڪنا هئا، نازشي سازشي ٽولو ڪوٺيندو هو. ان جائزي ۾ سنڌي محب الوطن حفيظ قريشي بہ هن سان شريڪ هوندو هو. پليجي جي سياست ۾ اهو دؤر ڪنهن بالشويڪ يا مينشويڪ واريءَ گهماگهميءَ واري دؤر کان گهٽ نہ هو. انهيءَ دؤر ۾ شايد هن ”انڊا اونڊا ويج“ لکي، اسلامي رجعت پرستن ۽ عقل جي انڌن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو هو ۽ سنڌن ناسون رتورت ڪري وڌيون هيون. جي.ايم.سيد وانگر پليجو بہ قومي سياست جو اٽوٽ حصو ٿي رهيو آهي.

رستي تي پول بادشاهہ ميخالو وسڪيءَ جو محل هو اتي هو فقط چاليهہ ڏينهن رهيو هو جڏهن هن کي ماڻهن گهٽو ڏئي ماريو هو. اُتي ڪجهہ سروَ جا وڻ هئا. مون کي شيڪسپيئر جي ڊرامي ”ٻارهين رات“ Tweleveth Night مان ڪجهہ سٽون ياد آيون:

”هليو آءُ، هليو آءُ! موت!

۾ جتي پراڻا سروَ جا درخت آهن، اُتي مون کي ليٽاءِ.“

هڪ عمر اهڙي اچي ٿي، جو انسان موت جو ۽ ان کان پوءِ آرام جو طالبو ٿئي ٿو. مون کي مير ٽيپي ٻڌايو تہ، ”جتي هن جي ماءُ بادام ناتوان ۽ نانيءَ کي دفنايو ويو آهي، اُتي پاڻيءَ جي نهر آهي ۽ يوڪلپٽس جا ڏگها وڻ ۽ گهاٽي ڇانو آهي.“

اَلائجي ڇو مون کي درخت جي سايہ دار رفاقت وڻندي آهي! منهنجي زندگي هڪ تتي آرهڙ جي ڏينهن وانگر گذري آهي. دشمن تہ پنهنجيءَ جاءِ تي، دوست دشمنن کان بدتر نڪتا. رجعت پسند بہ دشمن، ترقي پسند بہ دشمن، نہ رڳو پنهنجي دؤر جا اڪثر اديب منهنجا دشمن هئا، پر حاڪم وقت بہ دوست نہ هئا. دشمن پُٺيءَ ۾ ڇرو هڻندو آهي، دوست ڇاتيءَ ۾ هڻندو آهي. مون اهي ڇرا ڇڪ ڏئي پنهنجيءَ ڇاتيءَ مان ڪڍي، انهن کي ٽوڪاري انهن کي ڦٽي ڪيو آهي. جيڪڏهن مان محبت جون چار گهڙيون زندگيءَ کان زوريءَ کسي نہ وٺان ها تہ هن وقت تائين آپگهات ڪري ڇڏيان ها. اهو تفصيل ايترو ڏکو آهي، جو هن ٽئين حصي ۾ تہ مشڪل پورو ٿي سگهندو! شايد ان لاءِ مون کي چوٿون حصو لکڻو پوي. مان انهن مان ناهيان، جي چوندا آهن تہ”حڪايت بود بي پايان، بہ خاموشي ادا ڪردم“ (ڪهاڻي ڏاڍي ڏکي هئي، خاموشيءَ سان ٻڌائي ڇڏيم) مون کي هر محبوبہ جو ٿورو ڪي گهڻو قرض ضرور لاهڻو آهي.

مان همت نہ ٿو هاريان ۽ آئنر ڪهاڻيءَ جو نالو رکيو اٿم ”ڪتي نہ پيجبو تَڪ مسافرا!“ دراصل مان تڪ پيڄڻ نہ ٿو چاهيان، جيئن شاهي باغ جي سائي ڇپر تي ليٽي يا بيگاري واهہ جي آلي ڪنڌيءَ تي ڪنڌ رکي لڳ ساهيندو هوس.

مٿي ذڪر ڪيل پول بادشاهہ جي قتل جي ڳالهہ ٿي ڪيم، ان واقعي کان پوءِ ان محل ۾ ڪوئي راز نہ رهيو هو.

ان کان اڳتي ڪيرو وسڪي ميوزم آيو. ڪيرو وسڪي لينن گراڊ جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري هو جنهن کي دهشت پسندن ماريو هو.

هاڻي هيءَ ڊائري اتي ۾ روڪيان ٿو. مشي گن يو.ايس.اي مان منهنجي دوست لڇمڻ ڪومل جو هڪ خط پهتو آهي، جو هن جي ماحول ۾ اندر جو آئينو آهي. مان رات تي وڳي ستو هوس ۽ ننڊ مان ڏهين بجي اُٿي ناشتو

ڪري وري سمهي پيو هيس ۽ هڪ بجي ننڊ مان اٿيو آهيان. منهنجي زال ٽپاليءَ کان اهو خط وٺي ميز تي رکي ڇڏيو آهي، جو هيٺين ريت آهي:

مشي گن
يو. ايس. اي
اپريل 1997ع

پيارا اياز!

منهنجا خط ۽ بہ Bengay[1] ٽيوب پهتا هوندا. ٻن هفتن کان هتي ننڍي ياءُ جي گهر ۾ آهيان. گهر ڇاهي مصر جو ڦروها (Pharoh) جي قصر شاهيءَ ۾ بہ عياشيءَ جو اهو ساز وسامان نہ هوندو جيڪو هن گهر ۾ آهي. مان تہ جڻ هن ڪاڪ محل ۾ وڃائجي ويو آهيان. گهر ۾ منهنجا ياءُ ۽ ياڃائي رهندا آهن ۽ هڪ ٻئي سان انٽر ڪام فون تي ڳالهائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪمري ۾ ٻنهي جا سڏ "ڪٿي آهين؟" "ڪٿي آهين؟" ٻڌندو رهندو آهيان. پٽسبرگ (Pittsburg) ۾ مُنهنجي پُٽ مون کي جڻ پنهنجي ڪمري جو اسير بڻائي رکيو هو. خيال تہ گهڻو پئي رکيائين، پر هر ٻئي ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن ڊاڪٽر کي منهنجي سڄي جسم جو معائنو ڪرائيندو هو. ڪئپسول ۽ گوريون ٻيڙن وانگر کارائيندو ٽي رهيو. اڄ جي دؤر ۾ پوڙهي پيءُ ۽ پٽ ۾ ايترو موهہ ڏسي، مون کي سچ پچ حيرت ٿي لڳي. عبدالرحيم خان خانان (اڪبر جو درٻاري شاعر) جو هڪ شعر آهي:

مرزا قصہ يعقوب و يوسف آمد ياد،
کہ دست دشمنِ جان است اگرچہ فرزند است.

"مون کي تہ يعقوب ۽ يوسف جي قصي مان ياد آيو تہ دوست بہ جان جو دشمن آهي، پوءِ پٽ ئي ڇونہ هجي." (ترجمو منهنجو)

سو اياز اسان جو بہ يعقوب ۽ يوسف جو قصو ٿو لڳي! هتي ياءُ بہ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. ڪالهہ هڪڙي جرمن ڊاڪٽر وٽ وٺي هليو. جنهن X-ray ۽ E.C.G ۾ فتويٰ صادر ڪئي تہ دل جي هيٺين آرٽري بلاڪ ٿي وئي آهي، جنهن جي ٻيهر کلڻ جا امڪان نظر نہ ٿا اچن. خير گهرو تہ ڏٺيءَ اوهان

[1] Bengay گوڏن جي سور جي مرهم جو نالو

ڪي ايترو مانسڪ پل ڏنو آهي، جو پنج يا ڇهہ هارٽ اٽئڪون ڇا، پنجاهہ هارٽ اٽئڪون اوهان جو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهنديون (بقول اوهان جي.)

منهنجو پاءُ هاسو اوهان جي شاعريءَ جو وڏو مداح آهي. اهو مون کي ورائي چئي رهيو آهي تہ شيخ اياز کي عرض ڪرتہ آمريڪا اچي، منهنجو مان وارو مهمان ٿي رهي. هو توهان جو ۽ پاڄائي زرينا جو ڏاڍو خيال رکندو. هن جي گهر واري شڪارپور جي نڪر خاندان جي ڇوڪري آهي. هوءَ بيحد قربائتي ۽ مُرڪندڙ مُهانڊي واري آهي ۽ توهان جو سڀَيءَ ڏيءَ وانگر خيال رکندي. ڪجهہ عرصو اڳ نوابشاهہ جو يوسف ميمڻ (قاضي فيض محمد جو نياٽو) بہ پنهنجيءَ گهر واريءَ سان وٽس رهي ويو آهي ۽ پاءُ کين نايا گرافالس ۽ ٻين جڳهين تي گهڻو گهمايو هو. مان هتي نہ هجان، تڏهن بہ هو اوهان جو گهڻو آدر ڪندا.

هتي اچي مان سوچي رهيو آهيان، هر سال هن ملڪ ۾ ڇا ٿو اچي ڪريان؟ هتي اچي گوپيءَ ۽ ٻارن جي ياد ستائيندي آهي. کين روز فون ڪندو آهيان. اونداهين اڪيلاين ۾ مَن اتي ئي پٽڪندو رهندو آهي. پراڻا جوتا وڌيڪ ڪمفرٽيبل هوندا آهن، پر پوءِ بہ انهن ۾ ڪمفرٽ جي احساس کان نون جوتن جي خواهش مري نہ ٿي (۽ نہ پراڻا زخم ئي پرجن ٿا.) هڪ عجيب ذهني ڇڪتاڻ آهي. پنجيتاليهہ سالن کان هڪ فارين ڪنٽريءَ ۾ رهيا پيا آهيون، ان ڪري هن ملڪ ۾ اچي، پٽڪڻ سان بہ ڪو فرق نہ ٿو پوي. پرڏيهہ تہ پرڏيهہ آهي، خواهہ اهو هندستان هجي يا آمريڪا! رات Yeats جا نظم ويٺي پڙهيم. هن جون هي سٽون ڪيترين نہ صحيح آهن:

Of our arguments with others, we make rhetoric

Of our arguments with our selves we make poetry.

(ٻين سان بحث مباحثو ڪري، اسان فصاحت ۽ بلاغت ڏيکاري سگهون ٿا.

پاڻ سان بحث مباحثو ڪري، اسان شاعري ڪري سگهون ٿا.)

نيويارڪ جي براڊ وي ٿئيٽر ۾ آسڪر وائيلڊ جو Trial (مقدمي) تي هڪ ڊرامو ڏٺم. اُن وقت اوهان کي ڏاڍو ياد ٿي ڪيم. وائيلڊ پنهنجن اکرن ۾ اٽڪندو ٿي رهيو اُن وقت جي هم - جنس پرستيءَ جي حق ۾ هن جا دليل دل کي جهنجهوڙيندا ٿي رهيا، پر ذهن انهن کي قبول نہ ٿي ڪيو. رڳو لفظ

لفظ عجيب معنائن ۾ الجهندا ٿي رهيا. نہ رڳو معنائون. پر اڄ انهن اکرن جي ڪارڪردگي ۾ رول پڻ بدلجي چڪو آهي. Make love واري منظر وقت هال ۾ ويٺل چوڪرين جا منهن ڪاراٽجي ٿي ويا ۽ ڇُٽون ڇورا (Catamites) پنهنجا چپ چباڙيندا ٿي رهيا. آئرش نما انگريزيءَ ۾ آسڪر وائيلڊ سرڪاري وڪيلن کي حيرت انگيز جواب ڏيئي رهيو هو. اُن وقت هن جي لؤنڊي جي ائڪٽنگ ڏسڻ وٽان هئي. ادب ۽ قانون سازيءَ جي حيرت ناڪ هم آهنگي هئي. بهرحال توهان ان کان گهڻو بهتر منظوم ناٽڪ لکي سگهو ها. (نوٽ: اتفاق سان لڇمڻ پاڻيا، جنهن کي اردوءَ وارا پُل ۾ لڇمڻ پتائي چوندا آهن، اُن وقت موجود هو جنهن وقت سنڌي ادبي سنگت منهنجي ميتا طور ڪجهہ سال اڳ فنانس ۽ ٽريڊ سينٽر جي آڊيٽوريم ۾ هڪ رهاڻ رکي هئي، جنهن ۾ مظهر يوسف، فهميده رياض، قمر شهباز ۽ رئوف نظامانيءَ منهنجي فن ۽ فڪر تي تقريرون ڪيون هيون، شيما ڪرماني "هي گيت اڄايل مورن جا" تي پارٽ نٽيم ناچ ڪيو هو ۽ زيب نظاماڻي ۽ ٻين فنڪارن منهنجي ڊرامي "دودي جي موت" کي اسٽيج تي آندو هو ۽ ڪيترن ئي ڳائڻن منهنجا گيت ڳاتا ها ۽ منهنجن شعرن تي احمد علي ۽ شعيب ڪيڙي جون پينٽنگ رکيل هيون. لڇمڻ ڪومل آمريڪا وڃي رهيو هو ۽ ٽرانزٽ ويزا تي ڪراچيءَ ۾ ترسيل هو.)

ناڪر چاولا جي رسالي "سپون" ۾ ڇپيل امر جليل جو ناول "نيٺ گونگي ڳالهايو" قسط وار شايع ٿي رهيو آهي. ناول هندستان ۾ چڱو چؤٻول پيدا ڪيو آهي ۽ شايد هنديءَ ۾ ترجمو ٿي رهيو آهي. چوتہ...................

ايندڙ آرتوار تي ڇئن ڏينهن لاءِ هالي ووڊ (ڪيليفورنيا) وڃي رهيو آهيان. اُتي منهنجي پاڻيجي اچڻ لاءِ زور پريو هو.

توهان لاءِ Bengay جو هڪ پيو بہ ٽيوب وٺي رکيو اٿم. اتي پهچڻ بعد پيو بہ موڪلي ڏيندس. خط بند ٿو ڪريان، جو توهان جو وقت بہ قميتي آهي، پاپي زرينا، ڊاڪٽر سليم ۽ انيس لاءِ قربائتيون يادگيريون.

قربن مان

اوهان جو لڇمڻ

منهنجو تہ عشق جو نظريو خوشونت سنگهہ وارو آهي، جو هن پنهنجي ڪتاب "Need for new religion in India and other essays" جي ٿئين مضمون "The language of love and lust" (عشق ۽ هوس جي ٻوليءَ) ۾ ڏنو آهي جو هيٺينءَ ريت آهي:

"اسان کي ٻئي انسان جي محبت جي تلاش جو بنيادي سبب بي انتها تنهائي آهي. جوڙروڊاستين (فرانسيسي مصنفہ تنقيد نگار) ان کي اُها تنهائي چيو آهي جا روح ۾ خلا پيدا ڪري ٿي. مان اُن کي اندروني اڪيلائي چوڻ چاهيان ٿو. "اهو احساس تہ مان دنيا ۾ هيڪلو آهيان." ڪنهن ڪنهن وقت اسان اِها اڪيلائي ڇتي تکائيءَ سان محسوس ڪريون ٿا، ان حد تائين جو درد جو احساس ٿئي ٿو جنهن وقت اُها اوچتي ۽ بنا اطلاع جي اچي ٿي، جيئن جهونجهڪڙي ۾ ريل گاڏيءَ جو آواز ايندو آهي ۽ معلوم نہ هوندو آهي تہ اُها ڪٿان اچي رهي آهي ۽ ڪيڏانهن وڃي رهي آهي! اُها ڪيفيت هڪ هيڪلي ڪونج بہ پيدا ڪري سگهي ٿي، جڏهن اُها وسيع آسمان ۾ شفق ۾ اُڏامندي ويندي آهي.

اها اندروني اڪيلائي متضاد خيالات کي جنم ڏئي ٿي. اُها هڪ پيڙا وارو پولار آهي، جنهن کي ٻئي لاءِ محبت ڀري ٿي، ڪنهن وقت اُها اوچي قلعي وانگر ٿي وڃي ٿي، جنهن تي اطلاع لکيل آهي، "اندر نہ آءِ!" ٻن ماڻهن کي ڇا ٿو ٿئي، جڏهن هُو هڪ ٻئي سان ملن ٿا ۽ عشق جي ڄار ۾ ڦاسي پون ٿا؟ مان تہ چوان ٿو تہ انسان ۾ ساڳي مرڪز وارا دائرا آهن: هڪ دائرو ٻئي دائري جي اندر دائرو آهي. جڏهن بہ انسان هڪ ٻئي کي پسند ڪن ٿا، تڏهن هڪ ٻئي کي پنهنجي اندرئين دائري ۾ داخل ٿيڻ جي نينڍ ڏين ٿا. درحقيقت زندگي اُها پنهنجي اندروني مرڪز ۾ بي جا مداخلت جي اجازت پنهنجي انهيءَ اڪيلائيءَ کي وراهڻ لاءِ ڏئي ٿي ۽ ساڳي مرڪز وارا جوڙا هڪ ٻئي سان هم آغوش ٿين ٿا.

"عشق چاهي ٿو تہ اُن جو راز افشا ٿئي." روميءَ چيو آهي، "نہ تہ آرسي ڇا جي لاءِ آهي."

اها ڳالهہ مون ايتريءَ گهرائي سان محسوس ڪئي آهي، جو مون کي عشق ۾ ڪوئي بہ اهڙو وقت نہ آيو آهي، جو سڏ ۾ سڏ نہ مليو آهي، ڳراٽيءَ ۾ ڳراٽي نہ پئي آهي. ڪنهن وقت عشق فقط روحاني رهيو آهي، ڪنهن وقت

روحانيءَ سان گڏ جسماني بہ.

مون کي خبر نہ هئي تہ سِکُ ليکڪ خوشونت سنگهہ جو "دهلي" ناول ۽ ٻين ڪتابن جو مصنف آهي، ڪجهہ سال پوءِ ايتريءَ ذهانت سان لکندو.

جڏهن هن سان فيض احمد فيض منهنجي اسلام آباد ۾ انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ ملاقات ڪرائي هئي، تڏهن هو انهيءَ سک وانگر ٽي لڳو جو عموماً طنز ومزاح جو هدف هوندو آهي. فيض هن کي چيو تہ "پاڪستان جي وڏي شاعر سان مل! هن جو پنجابيءَ ۾ منظوم ترجمو ٿي چُڪو آهي. هو پاڻ سنڌيءَ ۾ شاهہ لطيف کان پوءِ وڏي ۾ وڏو شاعر آهي."

ان تي خوشنوت سنگهہ مون کي چيو هو تہ، "تون اُردوءَ ۾ ڇونہ ٿو لکين؟ سنڌيءَ ۾ ڇو ٿو لکين؟" ان وقت منهنجيءَ دل ۾ آيو هو تہ وِسڪيءَ جو رهيل اڌ گلاس سِکَ جي ڏاڙهيءَ تي اُڇلايان تہ سارا گرو هن جي گرنٿ جهڙي منهن تي ڪلن! هن اهو نہ ٿي ڄاتو تہ هومر کان پوءِ شاهہ لطيف جهڙو شاعر ورلي پيدا ٿيو آهي ۽ هن جو رسالو ڪنهن بہ گرنٿ کان گهٽ نہ آهي!

هاڻي مان اچان ٿو اپريل 1976ع جي ڊائريءَ تي، جا مون وچ ۾ ڇڏي آهي.

روس ۾ ڪنهن جي امرتا جي نشاني سنڌس هڪ يا وڏيڪ مجسما آهن. جي سنگِ اسود (Granite) يا سنگِ مرمر مان تراشيا ويا آهن. لينن گراڊ ۾ نيوا جي ڊيلٽا آهي ۽ ٻائيتاليهہ واهہ ۽ نديون آهن. مضافات سميت لينن گراڊ ۾ ڇهہ سئو پليون آهن.

نيٺ اسان انهيءَ جاءِ تي پهتاسين، جتي آڪٽوبر انقلاب جي شروعات ٿي هئي ۽ فِن لئنڊ مان اچي لينن انڊر گرائونڊ رهيو هو. لينن جي ڪمري ۾ انهيءَ ٽرين جي تصوير هئي، جنهن ۾ هو ڏاڙهي ڪوڙائي، جعلي پاسپورٽ تي موٽيو هو. جڏهن مون جي.ايم. سيد کي ٻڌايو تہ، "بنا ويزا جي مان ڏري گهٽ اڌ هندستان گهمي آيو آهيان ۽ هر ڀاڱي تي پنهنجو نالو نارائڻ شيام لکرايو اٿم، تڏهن اتم ۽ سندري اتمچنداڻيءَ جي موجودگيءَ ۾ هن ڪاوڙجي چيو هو تہ، "تون نہ ٿو سمجهين تہ اها فارجري آهي." مون جواب ڏنو هو تہ، "جي اها فارجري آهي تہ مان اها بار بار ڪندس ۽ قانون جي منهن ۾ ٽڪ نڪاءُ ڪندس." ان وقت هن کي اها ڳالهہ نہ وڻي هئي.

اتي لينن جي باڊي گارڊ جي ۽ ان ڊرائيور جي تصوير بہ هئي، جنهن

گاڏي هلائي هئي، جنهن ۾ لينن سوار هو. ڪمري ۾ لينن جا فوٽو ۽ مجسما رکيا ها ۽ هن جي هٿ جون تحريرون ۽ خط بہ هيا. جي شيشي جي المارين ۾ رکيل ها. اتي ائگريڪلچر تي ڪتاب بہ رکيل ها. مون اُتي سوچيو تہ امير يا غريب، بروجوازي يا پرولتاري، سڀ جو ’نت خوابِ فراموشي آهي. هي مجسما انهيءَ خاموشيءَ جو ازالو نہ ٿا ڪن، جن ۾ مُئا پڏي ويا آهن. انسان تہ ايتري دولت ٿا ڪٺي ڪن، جو اُها اُن ڪڏ ۾ بہ نہ پورجي سگهجندي، جنهن ۾ هو پاڻ پوريا ويندا. هو ڪفن کي وڏا کيسا سبائن يا لحد ۾ لاڪر ٺهرائن، سڀ هڏا تي وڃڻا آهن.

مان پنهنجي هڪ پنجابي محبوبہ جي ڀرپور جوانيءَ ۾ هن کي لاهور ۾ نورجهان ۽ جهانگير جي مقبرن تي وٺي ويو هوس ۽ هن کي چيو هيم، ”شايد اسان کي مقدر ۾ اهي چار سِران بہ نہ آهن. زندگي تہ انهيءَ ڪبوتر وانگر آهي، جو جهانگير، نورجهان جي هٿ مان وٺي اڏائي ڇڏيو هوا!“ هن منهنجي هٿ جي آڱرين کي چمي چيو هو تہ ”هيءَ گهڙي ڪافي نہ آهي ڇا؟“ مون هن کي چيو هو تہ ”جيڪڏهن مان زندهہ رهيس تہ توکي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ دوام ڏيندس ۽ مان توسان وعدو ٿو ڪريان تہ تيستائين مان نہ مرندس. تو جا مون کي بي انتها محبت ڏني آهي، اُها تا ابد خوشبوءِ ڏيندي ۽ اُن جا چراغ نہ اُجهامندا!“

شيڪسپيئر جي ڊرامي ”مئڪبيٿ“ مان ڪجهہ سٽون، مون هن کي انگريزيءَ ۾ پڙهايون، جن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي:

”اسان اُها شيءِ آهيون، جنهن مان خواب اُٿيا ويندا آهن ۽ اسان جي مختصر زندگيءَ کي خواب جو گهيراءُ آهي.“ هوءَ لاهور ۾ مون سان ڪيئن ملي، اهو منهنجي زندگيءَ جي داستان جو خاموش باب آهي. بهرصورت هوءَ اها هئي، جنهن لاءِ ماسڪو کان لينن گراڊ ويندي، هڪ جپسي ڇوڪريءَ منهنجو هٿ ڏسي چيو هو تہ ”پٺ تي ڪوئي عشق ڇڏي آيو آهين ڇا؟“ جا مياڻي ٻيلي ۾ مون سان ساڻ هئي، پريت ڳويتا جي آگ لاءِ آهوتي آهي. جڏهن مون هن کي ڪويتا ۾ امرتا ڏيڻ جو وچن ڏنو تڏهن هن هڪ ٿڌو ساهہ ڀري مون ڏانهن ڏنو ۽ پڇيو ”ڪيترين عورتون آيون آهن تنهنجي زندگيءَ ۾؟“

”ڪيئي.“ مون جواب ڏنو.

”تو سيني سان اهو وعدو ڪيو هو؟“

”هائو پر مون اهو نڀايو آهي. منهنجي تصور ۾ سڀ عورتون خلط ملط ٿي ويون آهن ۽ منهنجيءَ شاعريءَ ۾ اظهار پاتو آٿائون. منهنجي لاءِ اوهان سڀ هڪ عورت آهيو.“ هن رڳو ايترو چيو تہ. ”جي مان تنهنجي قلم جي ڪم اچان تہ منهنجي جان بہ حاضر آهي.“

هوءَ موٽي مون سان لاهور جي انٽرنيشنل هوٽل ۾ منهنجي ڪمري ۾ هلي ۽ ڪجهہ وقت ترسي، مون کي چنبڙي رهي. جڏهن مان هن کي ڇڏڻ ويس، تڏهن هن چيو تہ، ”بس، هاڻي تون موٽي وڃ!“ مون هن کي تيستائين ڏٺو جيستائين هوءَ رات جي انڌاري ۾ گم ٿي وئي. مون سوچيو تہ، ”مان هن کي مرڻ نہ ڏيندس. هن جي باري ۾ شاعريءَ لاءِ ابدي لالہ زار ۽ چراغان ڇڏي ويندس. منهنجو وعدو آهي تہ مان تيستائين نہ مرندس ۽ هن کي انڌيري ۾ گم ٿيڻ نہ ڏيندس.“

وري موٽي ٿا اچون لينن واري فليٽ تي. اُن فليٽ ۾ ٻين رهندڙ ڪامريڊن جا فوٽو بہ هيا. فقط ٽراٽسڪي، جو سرخ فوج جو ڪمانڊر ان چيف ۽ لينن جو سڄو هٿ هو هو عظيم مقرر ۽ انقلاب جو بهترين مؤرخ هو اُن جو فوٽو مون کي نہ رڳو اُتي، پر روس ۾ ڪٿي بہ نظر نہ آيو. هن کي اسٽالن جلاوطن ڪيو هو ۽ پوءِ پنهنجي ڪنهن ايجنٽ هٿان ميڪسيڪو ۾ مٿي تي هٿوڙو هڻائي مارايو هو. چون ٿا تہ لينن وصيت ڪئي هئي تہ هن جي موت ڪان پوءِ ٽراٽسڪيءَ کي حڪومت جو سربراهہ بڻايو وڃي، پر اسٽالن اُها وصيت ئي ڦاڙائي ڇڏي.

هڪ فوٽو جنهن ۾ اسٽالن جا چمچا ۽ چاپلوس ۽ پوءِ ڪي.جي.بيءَ جو چيف زرزينسڪي ۽ هن جا ٻيا ساٿي سِوَردلوف، اوريد سڪي ۽ بوبينوف هيا ۽ بالشيوڪ پارٽيءَ جي اهم ميمبرن جون تصويرون بہ هيون، جن کي اسٽالن ماسڪو ٽرايل ڪان پوءِ گوليون هڻائي مارايو هو. انهيءَ ڪمري سان گڏ ٻيا بہ ڪمرا هيا، مون اتي هڪ تصوير ڏٺي، جنهن ۾ لينن ڪنهن ڪامريڊ سان گڏجي سمالنيءَ تي ويو. ڪمري ۾ لينن جو بسترو صوفا سيٽ، ڪبٽ ميز ۽ ڪرسي، آئينو هينگر، گلاس، جڳ، گاسليٽ تي ٻرندڙ هٿ بتي، قلم، واش بيسن ۽ درين تي پردا هيا. هڪ ٻئي ڪمري ۾ ڪاڏي جي ميز چار ڪُرسيون، هڪ لڪڻ لاءِ ڪُرسي ۽ ميز هڪ گلدان، 215 ڪتاب

چار ٻوٽن جون ڪونڊيون رکيون هيون، جن ۾ ساڳيا ٻوٽا پوکيل ها، جي لينن جي زماني ۾ پوکيل هئا.

جيڪي ڪتاب ائگريڪلچر تي هيا، سي فليٽ جي مالڪياڻيءَ جا هُيا، جا ائگريڪلچر مئگزين ۾ ڪم ڪندي هئي. جڏهن لينن پنهنجو ڪمرو ڇڏيو هو تڏهن هُن پنهنجو نالو ميز تي لکيو هو.

اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ تي سوچي مون کي ائين لڳو تہ انسان ۾ ساڳي درندگي، دوستي ۽ دشمني، بغض و حسد ۽ انا پرستي هئي ۽ انسان بنيادي طرح ظالم ۽ جاهل هو ۽ اشرف المخلوقات ٿيڻ لاءِ هن کي وڏي جهادِ نفس جي ضرورت هئي. پنهنجي اشرف هجڻ جي ثابتيءَ جو بار هن تي هو. ساري تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي، جڏهن اقتدار جي حاصل ڪرڻ لاءِ دوست دوست جو رت پيتو آهي، پاءُ پاءُ يا پٽ پيءُ کي مارايو آهي. انسان جي من ۾ [1] ڪنس ۽ ڪرشن جي ويڙهہ آدجڳاد کان جاري آهي.

اوچتو مون کي نندپڻ جو هڪ واقعو ياد اچي ويو تہ مان کِلي ويٺس. لينا مون کان پڇيو "ڇا تي ٿو کلين." مون هن کي ٻڌايو تہ "شڪارپور ڪاليج ۾ جڏهن مان پڙهندو هوس، تڏهن پروفيسر هاشمي ۽ پروفيسر ڄيٺملاڻي (هندستان جي مشهور وڪيل ۽ سياستدان رام ڄيٺملاڻيءَ جو چاچو) ۽ ٻيا گڏ موٽي رهيا هياسين. اُن کان هڪ ڏينهن اڳ ريڊيو تي خبر آئي تہ هٽلر روس تي حملو ڪيو آهي. پروفيسر ڄيٺملاڻيءَ چيو تہ "هٽلر وڏو رهزن آهي، هُو انسان جي عظيم ترين انقلاب کي ناس ڪرڻ ٿو چاهي، ۽ لينن جهڙي عظيم ترين انسان جي تجربي کي مٽائڻ ٿو چاهي." هن اهو چيو مس تہ پروفيسر هاشميءَ هن کي نيڪٽاءِ کان وٺي ڏونڏاڙيو ۽ چيو تہ "پنهنجا لفظ واپس وٺ! نہ تہ تنهنجي گردن دٻائيندس." پروفيسر ڄيٺملاڻيءَ هن کي حيرت سان ڏسي چيو تہ:

"ڇو؟"

"دنيا جو عظيم ترين انقلاب اسلام هيو ۽ نہ روس جو انقلاب. عظيم ترين انسان لينن نہ هو پر محمدعربي صلي الله عليہ وسلم هيو."

هاشميءَ جواب ڏني، هن جي ٽاءِ کي زور سان ڇڪيو. ايتري ۾ وچ ۾

[1] ڪنس هڪ دئيت هيو جنهن پيءُ کي قيد ڪري ڇڏيو هو ۽ هن تي ڏاڍو ظلم ڪندو هو ان کي ڪرشن ماريو هو.

پئي ٻين پروفيسرن جهيڙو تاريو. هاشميءَ هن کي اهو اطلاع ڏئي، هن جي گردن مان هٿ ڍرا ڪيا ۽ چيو تہ "جي ٻيهر تو اهڙي ڳالهہ ڪئي آهي تہ مان توکي گهُٽو ڏئي ماريندس!"

هاشميءَ علي ڳڙهہ مان ايم.اي فارسيءَ ۾ ڪئي هئي ۽ اسان جي پاڙي ۾ واجد علي شُيخ جي گهر جي پرسان رهندو هو.

لينا کِلي چيو"اسان وٽ بہ مسلمان ملڪن ۾ اهڙا جُنوني آهن، هو اسان کان الڳ ٿيڻ چاهين ٿا، پر اسان انهن کي ڇٽي ڇڏينداسين."

"جتي ڪٿي جُنوني آهن." مان سوچيان ٿو"اوهان اشتراڪي گهٽ جنوني آهيو!؟ اوهان بہ تہ هر مخالف جو گلو گهٽيو آهي!"

اڄ مان لکي ٿڪجي پيو آهيان ۽ بستري تي ليٽي ريٽو چڪرا جي ڪئسيٽ هلائي ٿو ڇڏيان. ٻول آهن."مڌ پيري توري نينان." توري غنودگي طاري ٿئي ٿي تہ مون کي ڪمري جي در ديوار مان اکيون گهورينديون نظر اچن ٿيون. اهي هرڻيون ڪهڙي دشت بيڪران ۾ گم ٿي ويون؟ ڇا مون رڃ ۾ رڳو انهن جا پاڇاوان ڏٺا ها؟ حقيقي، غير حقيقي ڇا آهي؟ ڇا زندگي حقيقي آهي يا موت حقيقي آهي يا ٻئي غير حقيقي آهن؟ ڪٿي آهي اها مَڌُ؟ ڪٿي آهن اهي مڌ پيريا نيڻ؟ وقت جڻ سمنڊ آهي، جنهن جون ڇوليون ڪٿي نہ ٿيون ڪُٽن! زندگي تہ هڪ لڙهندڙ پن جي برابر آهي، مان ماضيءَ جي زنجير جي ڪڙي ڪڙي کولي ٿو ڏسان!

ماضي تہ خواب ۾ خواب آهي، جواني سراب ۾ سراب آهي، پيري حقيقت آهي، ان جو عذاب بہ هڪ حقيقت آهي، تنهائي بہ هڪ حقيقت آهي، اڳتي اڪيلو راهہ رمڻي آهي. هي سنگتي ساٿي، آل اولاد سڀ وهم آهن، جيئن ڏينهن تتي ۾ ڪجهيءَ جون ڇڙيون زمين تي پاڇا وجهنديون آهن، جي سج لٿي کان پوءِ گم ٿي ويندا آهن.

گوتم ٻڌ کان ڪنهن پڇيو تہ "سپنو ڇا آهي؟"

"جيڪي ڏسين ويٺو" گوتم جواب ڏنو هو.

ماڻهو انهيءَ سپني جي سپني ۾ ايترو ريڌل آهي، جو ان کي ساپيا سمجهي ٿو ۽ هرڻ وانگر رُڃ ۾ ڊڪي ٿو. هي زندگي مرگهہ ترشنا ئي تہ آهي، اڳي ماڻهن کي ان ڳالهہ جي پڪ هوندي هئي ان ڪري دنيا کي تياڳ ڪندا هئا، پر هاڻي ماڻهو انهيءَ مرگهہ ترشنا کي ساپيان سمجهن ٿا. هي شهري

ماڻهو پئسي جا پوڄاري، جي ڏن دولت جي ڪِيڙ رُلن ٿا، اهو وساري ٿا ڇڏين تہ هئي جهان لاءِ ٽريولرس چيڪ (Traveller`s Cheque) فقط پنهنجا اعمال ئي آهن. اِن حقيقت کان هو غافل آهن، اڳي عبادت، رشدوهدايت صحيح رستي کي ڳولڻ لاءِ مشاهدو ۽ مطالعو ضروري سمجهندا هئا، هاڻي تہ بئنڪ اڪائونٽ، سرڪار جون رشوت واريون نوڪريون، خانگي لاپ ۽ لوپ هنن لاءِ سڀ ڪجهہ آهي! نيٺ اُهو سڀ ڪجهہ موت نالي هڪ ڏاڙيل هنن کان ڦري وٺي ٿو. خوش نصيب آهي اُهو جيڪو ڪفن بچائي وڃي ٿو. هاڻي ننڊ ٿي اچي، اڪيون سيمينٽ جون ڳوريون ڳوٽيون ٿي ويون آهن، نہ ڄاڻان سُيان اٿان يانہ اُٿان! مان روز ننڊ وقت خدا کي چوندو آهيان تہ،"هيءَ زندگي تو وٽ امانت ٿو رکان ۽ صبح سان موٽائي وٺندوسانءِ." هو قادر مطلق آهي. نہ ڄاڻان تہ هن آتم ڪهاڻيءَ کي پورو ڪرڻ جو وقت ڏي يانہ ڏي! اي خوبصورت دنيا في الحال، الوداع، جيستائين سياڻي ملون! اي خوبصورت چهرا! مون ننڊ ۾ جاڳ ۾ اوهان کي ڪافي ياد ڪيو آهي. زرينا، تون جا ننڊ پئي آهين، تو کي بہ الوداع! انشاءَ الله صبح سان ملنداسين ۽ مان تنهنجي فجر جي نماز کان اڳ ۾ اٿندس.

اوچتو هيٺ رستي تي زبردست ڌڌڪو ٿئي ٿو مان اٿي بالڪنيءَ مان هيٺ ڏسان ٿو تہ هڪ ٻارن زالن ۽ مردن سوڌو بس جو هڪ پاسو. فٽ پاٿ تي چڙهي ويو آهي ۽ بس ڪلتي ڪائي اونڌي ٿي پئي. جيئن هيءَ تاريخ ڪلتي ڪائي اونڌي ٿي پئي آهي. صبح سان ماڻهن ٻڌايو تہ چار ماڻهو تہ ٿڏي تي مري ويا ۽ زخمين کي پوليس سول اسپتال کڻائي وئي آهي. ننڊ ڦٽي وڃي ٿي. اوچتو مون کي سوڀو ياد اچي ٿو جو ڪيتري وقت کان بيمار آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ هن جي دوست ۽ ڪامريڊ اندر ڪمار گجرال کي هندستان جو پرائيم منسٽر چونڊيو ويو آهي، جي سوڀو اتي هجي ها تہ ممڪن آهي تہ هو فارين منسٽر هجي ها. هتي هو سنڌ جي مستقبل جي بکيڙن ۾ سُڪ رهيو ۽ لاهور فورٽ جون ياترائون ڪندو وتيو. هن جا دوست ڪيڏانهن ڪک پن ٿي ويا؟ ڪيرت ٻاٻاڻي، جو گلاب جي پيءُ سان پرڙيو هو جن بمبئيءَ ۾ پنهنجي گهر تي منهنجي دعوت ڪئي هئي. گلاب، جو ڪيرت سان گڏ مينارام هاسٽل ۾ اسان سان گڏ ميس ۾ ماني کائيندو هو. هو گوبند مالهي، سوڀو گيانچنداڻي، شواجي، پگوان، آنند گولاڻيءَ سان گڏ

رهندو هو. اهي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا سرگرم ڪارڪن هئا. جنهن جي آفيس ڪچهري روڊ تي هئي. پارٽيءَ جو ادبي رسالو "ريگستاني ڦول" ڇپبو هو جنهن ۾ منهنجا ڪجهہ گيت ڇپيا هئا.* ناول نگار ڪرشن کتواڻيءَ جو پوءِ شانتي نڪيتن هليو ويو. گوبند مالهيءَ ۽ ٻين سان گڏجي چام صادق علي جي دؤر ۾ (سگا پاران سڏايل سچل انٽرنيشنل ڪانفرنس ۾) پاڪستان آيو هو ۽ منهنجي گهر (ڪراچي) بہ آيو هو. اهي سڀ مينارام هاسٽل جي ميس ۾ ماني کائيندا هئا. ڪڏهن بئريسٽر نورالدين جتوئي ۽ عبدالستار شيخ، جو هاڻي آمريڪا لڏي ويو آهي بہ ايندا هئا.

پارٽي آفيس ۾ ڪامريڊ پوهو بہ ايندو هو جو بلوچي ليڊرن عطاءُ الله مينگل، مير غوث بخش بزنجو ۽ ٻين جو دوست هوندو هو. گوبند مالهي "نئين دنيا" رسالو ڪڍندو هو جنهن ۾ غالباً منهنجاڪجهہ مضمون ۽ شعر بہ ڇپيا هئا. حشو ڪيولراماڻي، جمال الدين بخاري، جو پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هو هن جي هندو زال شانتي، حيدر بخش جتوئي، پرسو ٺهلراماڻي، قادربخش نظاماڻي، جو اسي ورهين کان مٿي تي ويو آهي ۽ جو لنڊن ۾ مون سان مليو هو اندر ڪمار گجرال، جو هاڻي هندستان جو پرائيم منسٽر آهي، بي.ڪي.هانگل، عبدالقادر هاري ليڊر منهنجو دوست مونس، سوامي انگديو ڊاڪٽر شوداساڻي، قاضي مجتبيٰ (جو پوءِ ايم.پي.اي ٿيو) قاضي مرتضيٰ بہ ايندا رهندا هئا. جڏهن راتوڪيءَ تيز رفتار بس ۾ سوار هئا، جا فٽ پاٿ تي چڙهي وئي ۽ ڪلٽي کائي ڪري پئي هئي. ان مان ڪهڙا مسافر بچيا، ڪهڙا مئا ۽ ڪهڙا اسپتال داخل آهن، ڪيئن چئجي! اڄ ڪلهہ علاج لاءِ سويو هتي ڪراچيءَ آيل آهي. هن ڪي نيون ڪهاڻيون (خاڪا) لکيون آهن ۽ مون کي پيش لفظ لکڻ لاءِ چيو اٿائين. مون هن کي چيو تہ "آتم ـ ڪهاڻي لکي پوري ڪريان تہ پوءِ ضرور لکندس." هن وڌيڪ چيو تہ "تنهنجي آتم ـ ڪهاڻي جي جلد ـ 2 ۾ نالي جي ڀل ڪئي وئي آهي،

---

* ريگستاني ڦول اهي رسالو نہ هو بلڪ 1944ع ۾ گوبند مالهيءَ جو مختلف ڪهاڻيڪار جي 14 ڪهاڻين تي مشتمل، ڇپايل ڪتابڙو هو جيڪو پيرو سهڻي پبليڪيشن جي طارق اشرف آڳاٽي ادب سلسلي جو ٻيو نمبر ڪتاب ڪري آڪٽوبر 1972ع ۾ ڇپايو هو شيخ اياز کان ڀل ٿي آهي، اهو رسالو شايد 'نئين دنيا' هو جيڪو گوبند مالهي ڪڍندو هو جو بعد ۾ اُتم جاري رکيو. (تاج جويو)

جا هاٿي دُرست ڪري ڇڏ!“ دهشتگرديءَ دوران شڪارپور ۾ عنشي وديارٿيءَ کي گولي نہ هڻئي وئي هئي، پر وِشنوءَ کي گولي هڻئي وئي هئي. تاريخ هڪ هيبت ناڪ آڪٽوپس وانگر گهڻا ڳڙڪائي وئي، باقي ٿورا بچيا آهن، جن مان فقط اندر ڪمار گجرال، منزل تي رسيو آهي، جي هو بہ ڪشمير جو مسئلو حل ڪري نہ سگهيو تہ اِهو برصغير لاءِ وڏو الميو ٿيندو!

سوڀي جو آواز ٻڌي مون کي اُها پائپي ياد ايندي آهي، جنهن جي زنجيرن ۾ دين ڌرم جي اختلاف جي باوجود، سڀ جڪڙيل هوندا ها. ڪجهہ سِر ڦريا نوجوان سارو سماج بدلائڻ چاهيندا ها! هو هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو هوندا ها، جو ڄڻ هڪ خاندان جا فرد ها. هڪ ڀيري مون کي سوڀو ڪامريڊ جمال الدين بُخاريءَ جي گهر وٺي هليو جتي هن جي زال شانتي ماني پچائي ۽ هن جي اڳيان ايئن رکيائين، ڄڻ پاءُ جي اڳيان ٿي رکيائين! اهو قومي ۽ بين الاقوامي ڳانڍاپو هڪ انا پرست انسان ۽ هن جي حوارين ڇِڪي ڇِني ڇڏيو ۽ ڪميونسٽ، جتي ڪٿي ڇُڙ ڇُڙ گابا ٿي ويا ۽ جديد دنيا جي برابري ۽ اخوت ڪنهن اونهيءَ کڏ ۾ وڃي ڪِري! پروڏان کان ٻڪونن، ٻڪونن کان لينن تائين سڀ تاريخ جي گهاٽي ۾ پيڙجي ويا. مائو هوچي منهہ، چي گئويرا، سيئي خواب پريشان وانگر ٿا لڳن، جنهن مان جاڳي سُوراتيل منهن، سورَ پچار ڪندي اُٿن ٿا ۽ گذريءَ جا گيت ٺڏهن ٻُڌجن ٿا جڏهن ڪجهہ سورائتا ڪنا ٿين ٿا.

اڄ باڪ انگوري شراب وانگر نڪتي آهي. مون اُن هستيءَ جو شڪر ڪيو جنهن مون کي هڪ ٻيو ڏينهن بہ ڏيکاريو ۽ جا هن ڪائنات کي هلائي رهي آهي ۽ جنهن جي بي انت ڪمپيوٽر ۾ انسان جي ڄم کان موت تائين هر ڳالهہ ڪمپيوٽرائيز (Computerize) ٿيل آهي.

مان ڊائري اڳتي ٿو اُتاريان.

سمالني انسٽيٽيوٽ ۾ ائرسٽوڪرٽ ڇوڪريون رهنديون هيون، جي گرمين جي موڪلن تي وينديون هيون. پٽ تان انقلابين انسٽيٽيوٽ تي قبضو ڪيو هو ۽ اُتي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ناهيو هو. سمالنيءَ ۾ لينن جو مجسمو کُتل هيو ۽ ان جي سامهون ڳاڙهن گلن جي ٻاري هئي. هن وقت اُتي لينن گراڊ ڪيمونسٽ پارٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر آهي.

بانو قدسيہ پترڪار کي چيو تہ ”انهن گلن مان هڪ ڳاڙهو گل ڇنان؟“

اُهي پٽونيا جا گل هيا. پترڪار هن کي جواب ڏنو تہ، ”گل چنڻ تہ ڪُجا، هتي گاهہ تي گهمڻ کان بہ منع ٿيل آهي.“ مون کي پنهنجي هيٺين اڻ ڇپيل وائي ياد آئي:

گل توتي دانهين،

ٽانگڙ پَٽِ نہ چنڊِ مِرا

تِن جي توتي پِٽ آ،
ڪيڏي پرانهين!

ٽانگڙ پَٽِ نہ چنڊِ مِرا

هي آئينا ماڪ جا،
ڇالئہ ٿو ڊاهين؟

ٽانگڙ پَٽِ نہ چنڊِ مِرا

ڇوٽو پوپٽ وَلِ جي،
ٽاريءَ تان ٽاهين؟

ٽانگڙ پَٽِ نہ چنڊِ مِرا

سَپنا هن سنسار جا،
تون ڇا ساڃاهين!

ٽانگڙ پَٽِ نہ چنڊِ مِرا

مون کي يقين آهي تہ گل جي زبان ٿيندي آهي ۽ اُهي ڪائنات سان محوِ گفتگو هوندا آهن.

لينا مون سان اڪيلي بيٺي هئي. هن هيڏانهن ڏٺو تہ ڪوئي نہ هو. بانو قدسيہ ۽ خاطر غرنوي بہ ڪجهہ پنڌ تي هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا ها. هن مون کي هوريان چيو ”توکان هڪ سوال پڇان؟ اهو سوال مون کي ڪيتري وقت کان ستائيندو رهيو آهي.“

مون هن کي چيو تہ ”بلي پُڇ!“

”پهريون مون سان وعدو ڪر تہ اها ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪندين!“

”وعدو.“ مون چيو.

”ڇا انسان کي روح آهي ۽ جي آهي تہ اُهو ابدي آهي؟“ لينا سرگوشيءَ ۾ پڇيو.

مون لينا کي چيو تہ ”اهو سوالُ تہ ان سوال کان بہ ڏکيو آهي تہ خدا آهي

يا نہ؟ بهرصورت مان توکي فرانسيسي اديب آندري مالرو جو هڪ قوُل ٿو ٻڌايان، ”يا تہ انسان زندهہ جاويد آهي ۽ مرڻو ڪڏهن ڪونہ آهي يا تہ هن جي روح کي بہ جسم سان گڏ ڪڏ ڳڙڪائي وڃي ٿي ۽ هن کي ان ڳالهہ جو علم نہ ٿو رهي تہ هو مري ويو آهي! ان ڪري تون ايئن زندهہ رهہُ، جڻ تون ابدي آهين.“

لينا چيو تہ چرچ ۾ پادريءَ پئي چيو تہ، ”بهشت آهي، دوزخ بہ آهي، جتي نيڪيءَ جي بدلي عيش آرام ملي ٿو پر برائيءَ جي بدلي جهنم جا شعلا ملن ٿا. مون تہ ٻُرن ماڻهن وٽ هن ڌرتيءَ تي ئي بهشت جهڙيون جايون ڏٺيون آهن! تنهنجو ڇا چوڻ آهي؟“

مون جواب ڏنو ”اونهي جي اسرار ۾ ڪير پيهي ٿو سگهي؟ ڪيئن چئجي تہ اڳتي ڇا آهي! ڪوئي مري تہ نہ موٽيو آهي. جارج سنتيانا نالي هڪ مغربي فلسفي آهي، جنهن چيو آهي تہ ”ماڻهو جي سمجهہ ٿا تہ اسين هن ڌرتيءَ تي جلاوطن آهيون، انهن ۾ تصور جڙيڪڙي ٿو تہ هو ٻئي جهان جا رهواسي آهن. سقراط پنهنجن پيروڪار فلسفين کي چيو هو تہ، ”جڏهن اوهان منهنجو جنازو کڻي هلندؤ تہ مان اوهان سان گڏ هوندس.“

”پهرين سوال جو جواب اهو آهي، جو مون کي هينئر ياد آيو آهي، پر توکي انهيءَ خفت ۾ ڪنهن وڌو آهي؟ تون تہ هن وقت سراپا بهشت آهين. تو مان هڪ گل چنان.“ مون هن ڏانهن هٿ وڌايو تہ هوءَ هٽي ۽ بانو قدسيہ ڏانهن اشارو ڪيائين.

لينن گراڊ ۾ چنچر ۽ آچر ڏينهن موڪل هوندي آهي. اُبَ ۾ گجگوڙ ٿي رهي هئي ۽ بجلي ڪوراڙ وانگر وٽ کائي رهي هئي. اسين مسجد ڏانهن پهرين يارهين بجي وياهياسون. اسان کي مٿن تي رومال ٻڌل ها ۽ پترڪار ۽ سرڳيءَ جي هٿن ۾ ڇتيون هيون، جن جي هيٺان هو ڪُمين وانگر منديون ڍڪي هلي رهيا هيا. اسان ٻيهر مسجد ۾ هڪ بجي کان ٿورو پوءِ وياسين. وڌيڪ احوال مون پاڳي ٻئي ۾ ڏنو آهي. مسجد مان نڪتاسين تہ پترڪار اسان کي روس جي عظيم شاعر پُشڪن جي گهر وٺي هليو. پشڪن جي شاعريءَ تي مشهور موسيقار چيڪو وسڪيءَ ميوزڪ ترتيب ڏنو هو ۽ اُن تي ڪيئي بئلي (Ballets) پيش ڪيا ويا آهن. جنهن ڪمري ۾ پُشڪن مُئو هو اُتي روسي شاعر ۽ اديب هر سال ڪٺا ٿيندا آهن. پُشڪن زال جي

ڪري خودڪُشي ڪئي هئي. مون دل ۾ چيو تہ، ”مان پُشڪن يا مايا ڪو وسڪيءَ جهڙو بيوقوف نہ آهيان، جو عورت جي ڪري خودڪشي ڪريان! هن وقت تائين چنڊ کي ڪوئي ڄار ۾ ڦاسائي نہ سگهيو آهي؟“

لينا وڏيڪ ٻڌايو تہ شاعر يَسي نن (Yesinin) ۽ اليگزينڊر بلاڪ جا گهر ميوزم نہ آهن. مون پُشڪن کي انگريزي ترجمي ۾ پڙهيو آهي، پر هو ترجمي ۾ ايترو عظيم نہ ٿو لڳي! شايد ڪنهن بہ ٻوليءَ جي عظيم شاعر جو ترجمو ناممڪن آهي. هر لفظ کي هڪ روح آهي، جو ٻي زبان ۾ منتقل ڪرڻ مشڪل آهي. شاهہ لطيف جو سورلي جو ڪيل ترجمو علامہ اقبال جو نڪلسن جو ڪيل ترجمو ۽ فيض احمد فيض جو انگريزيءَ ۾ ترجمو سيئي ڦِڪا ۽ بي لطف آهن. مان يانيان ٿو شاعريءَ ۾ عمدو ترجمو فقط خيام جو فٽز جيرالڊ ڪيو آهي، جنهن تي مان آتم – ڪهاڻيءَ جي پهرين حصي ”ڪٿي تہ پهچبو ٿڪ مسافر“ ۾ لکي چُڪو آهيان. گوئٽي جي حافظ شيرازيءَ جي ترجمي جي باري ۾ چئي نہ ٿو سگهان.

روسي شاعريءَ جا سڀ مجموعا ولاديمير مايا ڪو وسڪيءَ سان شروع ٿين ٿا، جو انقلاب جو شاعر هو. هو 1890ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1930ع ۾ جوانيءَ ۾ هن ڪنهن عورت جي ڪري خودڪشي ڪئي. آخر عورت ڇا آهي؟ هڏائين پڃري تي نرم ۽ گداز ماس جو لبادو آهي. اُها شرابِ ناب جهڙيون اکيون آهي ۽ آبِ حيات جهڙا چپ آهي، پر اهي فاني آهن ۽ جواني آني جاني آهي. اُن کي فقط آرٽ ئي لافاني بڻائي سگهي ٿو دراصل ٻئي لازم ملزوم آهن. آرٽ جو ڄار ئي چنڊ کي پاڻيءَ ۾ ڦاسائي سگهي ٿو. مارلو چيو آهي،

”تون شام جي هوا کان وڌيڪ خوبصورت آهين، جنهن کي هزارن ستارن جي پوشاڪ پئي آهي.“

پرتري هريءَ هڪ هنڌ چيو آهي تہ، ”تنهنجين ڪارين ڪجرين اکين منهنجي اکين تي ڇانئجي انهن جي ديد کي جهانورائي ڇڏيو آهي.“

اها هئي، مايا ڪو وسڪيءَ جي ڪيفيت خودڪشيءَ وقت. هونءَ تہ محبت شاعريءَ کي امرتا ڏئي ٿي، جيئن شاعري محبت کي امرتا ڏئي ٿي.

سنسڪرت جي عظيم شاعر اُمارو جنهن جا ميراجيءَ اُردوءَ ۾ خوبصورت منظوم ترجما ڪيا آهن، هڪ نظم ۾ چيو آهي:

”تون اڌ رات جو ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“

”پنهنجي پيار سان ملڻ لاءِ جو مون لاءِ زندگيءِ موت بڻي آهي.“

”توکي اڪيلي ويندي ڀؤ نٿو ٿئي؟“

”مان اڪيلي ڪيئن ٿي سگهان ٿي، پيار جو مون سان گڏ آهي؟“

ساڳي ڪيفيت جا پتائي سُر سهڻيءَ ۾ چٽي آهي.

سنسڪرت جو هيو شاعر ڏرم ڪرتي سهڻي ميهار جي ڪهاڻيءَ جي وڏيڪ ويجهو آهي.

”رستو ڪِڙ ڀڙيو آهي ۽ چوڏهينءَ جي رات آهي، متان منهنجي مڙس کي پتو نہ پئجي وڃي!

ماڻهو ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪندا. پر اڄ رات مان پنهنجي پريتم کي نراس ڪيئن ٿي ڪري سگهان؟ سو هن ۾ تي وڪون کنيون ۽ پوءِ موٽي آئي، وري واپس وئي.“

روح جي چِڪ کان وڏيڪ اها بدن جي چِڪ آهي، جو فاني آهي، پر جيستائين اهو فنا نہ ٿيو آهي، تيستائين بهشت برين پنهنجي آغوش ۾ ڪٽي ٿو گهمي.

انهيءَ بدن جي محبت لاءِ شاعره جوڊٿ رائيٽ چيو آهي:

”مون ۾ چُرپر ڪر پيارا
جو هاڻي سچ اُيرندو
سچ، جيڪو تنهنجا چپر جدا ڪري، تنهنجون اکيون کولي ڇڏيندو.

مون ۾ جاڳُ منهنجا پيارا،
ڏينهن، جو چاقو آبدار آهي
جو اُها رسي ڪپي سگهي ٿو جا توکي مون سان ٻڌي ٿي
راحت جي نفسانيت ۾.“

(نوٽ: هي ٽڪرا مون خوشونت سنگهہ جي هڪ مضمون تان ورتا آهن.)

مون ڳالهہ تي ڪئي تہ روس جا شعري مجموعا ماياڪو وسڪيءَ جي شعر سان شروع ٿين ٿا. دراصل سر گئي يسي نن (1890ع _ 1925ع) ماياڪو وسڪيءَ کان وڏو شاعر هو. هن بہ جوانيءَ ۾ خودڪشي ڪئي. هن جي باري ۾ ظ.انصاري چڱو لکيو آهي، تنهن ڪري اُن جي ڪتاب مان حوالو ڏيان ٿو:

”وسطي روس ۾ ماسڪو کان ڪجهہ پنڌ تي، ريازان ضلعي ۾ هڪ

هاريءَ جي گهر ۾ هڪ خوبصورت اکين، دلڪش چهري ۽ سُنهري وارن وارو ٻار پيدا ٿيو (مان سَرگئي يسي نن جو فوٽو ڏسان ٿو مون کي هن جي خوبصورتيءَ جي باري ۾ اظهار صحيح لڳي ٿو.) اڳتي هلي هو لکڻ پڙهڻ ۽ لڙڻ جهڳڙڻ ۾ ڪافي تيز نڪتو. هن جي پيءَ هن لاءِ انڪري پيسا ڪٺا ڪيا ها، جيئن هن کي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ داخلا ڏياري سگهي، مگر ڇوڪري ننڍيءَ عمر ۾ شاعري شروع ڪئي. پهرين تہ هو پيءُ سان گڏ ماسڪو ۾ رهندو هو پر پوءِ لينن گراڊ هليو ويو جتي ادبي ۽ سياسي هنگاما گرم هيا. اُتي بزرگ ۽ چاڙهو شاعرن جي صحبت ۾ رهي، بي تڪلف ۽ پُرجوش گلوڪارن جي وچ ۾ رهي، هن جي شاعري پختي ٿي وئي ۽ اُها ڪافي چمڪي اُٿي. ان وقت آمريڪا جي ماهر ۽ ماهرو رقاصہ ازئڊورا ڊنڪن هُن سان گڏ روس جو دورو ڪيو (جنهن جو مون اڳي ڪٿي ذڪر ڪيو آهي) ۽ نوجوان شاعر، پختہ ڪار محبوبہ جي زلفن جو اسير ٿي ويو. ٻنهي جي شادي ٿي وئي ۽ شادي شده جوڙي ڏيڍ سال يورپ ۽ آمريڪا جي سير سفر ۾ گذاريو. هُو گهمي ڦري جڏهن واپس آيا، تڏهن هنن ڏٺو تہ ٽٽل ڇتين ۽ ڪاٺ جي ڪچين جاين وارو روس پٿر ۽ فولاد جي تعمير سان زور آزمائي ڪري رهيو هو. ٻهراڙيءَ جي غير مادي فضا جو هيراڪ يسي نن، اهڙيءَ فضا سان نباهي نہ سگهيو. فطري منظرن جي عاشق تي صنعتي دور جي آمد اُداسي طاري ڪري ڇڏي ۽ هو زندگيءَ جا ٽيهہ سال پورا ڪرڻ کان اڳ دنيا ڇڏي ويو.“ مان ياتيان تہ ظ.انصاريءَ اهو هندستاني ڪميونسٽ هو جنهن پنهنجي ساري عمر روسي ادب جي اردو ترجمي ۾ گذاري ڇڏي. ازئڊورا ڊنڪن جي باري ۾ مون بہ نهايت دلچسپ ناول بہ پڙهيا آهن. ٻن فنڪارن ۾ ايتري گهري محبت ورلي ملندي! ظ.انصاري وڌيڪ لکي ٿو تہ.

”يسي نن جهڙا شاعر آڱرين تي ڳڻي سگهجن ٿا. هن جي منهن مان نڪتل شعر هيڏانهن هوڏانهن، سڀ جي زبان تي اچي ويا ۽ هن جا گيت گونجڻ لڳا. ڪنهن وقت ايئن ٿو لڳي تہ اهو هڪ شخص جو ڪارنامو نہ آهي، پر گيت پنهنجو پاڻ ڦٽي پيا آهن ۽ فطرت جي روسي نظارن ۾ رچي ويا آهن. اُنهن ۾ سانجهيءَ جي کيتن جي سناٽي ۾ ديودار جي درختن جي سرسراهٽ لهي آئي آهي.“

هن جو هڪ نظم ”ماءُ جي نالي“ هيٺ ڏيان ٿو جيئن پڙهندڙ اندازو

لڳائي سگهن تہ هو ڪيترو نہ انوکو ۽ ڪهڙي پائي جو شاعر هو:

”منهنجي پوڙهي ماءُ! ٻڌاءِ تہ زندهہ آهين؟
مان بہ جي رهيو آهيان ۽ توکي سلام ڪري رهيو آهيان
جنهن گهڙيءَ ۾ تو ڏينهن گذاريا آهن،
شال اُن تي نور ڏسين،
جنهن وقت سانجهي ڪارسَري تي وڃي!
ماڻهو مون کي لکن ٿا تہ تون چُپ چُپ آهين مگر،
منهنجن اُلڪن ۾ تون رلي ملي وئي آهين،
منهجين سوچن ۾ سمائجي وئي آهين،
۽ ڦاٽل ڪپڙا پهري پنهنجيءَ ڏڙڪندڙ دل سان
موسيقيءَ تي ٽيڙ ڪائي رهي آهين!
۽ ڏينهن جوان سوچ ۾ جهجندي رهي آهين
تہ ڪهڙي خبر تہ تازي خاني ۾ جهيڙو ڪري
منهنجو لال زخمي ٿي پيو هجي!
اي ماءُ! دل کي ڏير ڏي ۽ گهڻو ڏک نہ ڪر!
وهم ۾ پوڻ مان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟
خير، مون تي ايتري بدمستي بہ طاري نہ آهي
جو توکي ڏسڻ کان سواءِ مري وڃان،
اڄ تائين اڳي وانگر نازڪ مزاج آهيان
۽ طبيعت اڳي وانگر تن آسانيءَ تي هريل آهي.
جيءُ اُن لاءِ تڙپي ٿو تہ گهر واپس وڃان،
۽ هتي طوفاني زندگي اڳي وانگر آهي.
هن پيري ڦلواڙيءَ ۾،
جڏهن بهار جي ڦول ڦلار ٿيندي،
سُرهي سُڳنڌ مون کي ڳولي لهندي،
منهنجا بستري ۾ اٺ سال گذري ويا آهن،
مون کي نہ اُٿارجانءِ ۽ دير تائين سمهڻ نہ ڏجانءِ!
هن پيري عبادت جو سبق نہ دهرائجانءِ!
اُنهن ڏينهن جي واپسي ممڪن نہ آهي

بس، پنهنجي نورِ نظر لاءِ پنهنجي دل جو وهم،
وساري ڇڏ!
مون تي سوچي ڪومائجي نہ وڃ!
۽ قاتل ڪپڙن ۾ ہئي ڏينهن
ٿاپا نہ کاءِ!"

مٿين نظم مان جي روسي پس منظر ڪڍيو وڃي، تہ جڻ شڪارپور تي منهنجو نظم ٿو لڳي! منهنجي بہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ سان ساڳي محبت آهي، جو جڏهن پُسيءَ جا ڳاڙها گل ڏسندو آهيان، تڏهن منهنجي دل بهار تي ويندي آهي، جڏهن بُربليون ڏؤنرن جي ڏارن تي ڇهڪنديون آهن، تڏهن منهنجا سارا ڏُک درد لهي ويندا آهن ۽ هڪ قسم جو عجيب چئن اچي ويندو آهي ۽ دل چوندي آهي تہ وَسُ پڄي تہ شهرن ۾ ماڙا ۽ مشينون اُڏائي ڇڏيان. شهر جي فليٽ ۾ منهنجي زندگي جڻ بئستائيل جي قلعي ۾ ٿي گذري، جتي والتيئر ۽ ٻيا قيدي رکيا ويا هئا. جڏهن بالڪنيءَ ۾ رکيل پاٽ تي ڪبوتر "هُو هُو" ڪندا آهن، تڏهن اُهي مون کي ڪيترائي سلطان باهو لڳندا آهن. زرينا ٻيءَ پاٽ ۾ انهن لاءِ رات جا بچيل چانور ۽ ٻيو چوڳو وجهندي آهي. پکي ۽ پکيءَ سان محبت ڪارخانن ۾ انهن اُپ ـ نراڙ ماڙن کان لک ڀيرا بهتر آهي. گوئٽي مشهور ڊرامي "فائوسٽ" ۾ مرڪزي ڪردار فائوسٽ ميفسٽو فيلس کي چيو هو تہ "مون کي جواني موٽائي ڏي" جيڪڏهن مان هُن کان ڪجهہ گهران تہ هن کي چوان تہ مون کي شاهي باغ ۽ سنڌ واهہ موٽائي ڏي ۽ موٽائي ڏي اهي سارا ڳوڻائي، جي مون سان واهہ ۾ ترڳندا هئا، جن لاءِ منهنجي رڳ رڳ انهيءَ ڪُرڙيءَ وانگر تڙڦي رهي آهي، جا ڪنڊيءَ ۾ ڦاسي پوندي آهي.

هاڻي تہ ماٺهو ايئر ڪنڊيشنر کان سواءِ ننڊ نہ ٿا ڪن. منهنجي ننڍي هوندي جڏهن ٻُٽ ٿيندي هئي ۽ وڻ جو پن بہ نہ چرندو هو تڏهن مان ڳائيندو هوس، "ڏکڻ واءُ نہ گهُل، پرين نہ جاڳي ننڊ مان." ڪيڏي نہ گهري ننڊ ايندي هئي، تارن ڀري راتڙيءَ ۾ ۽ ٻاڪ جو پنن تي ماڪ ڦڙا ڪيڏا نہ پيارا لڳندا هئا. پرهہ جي هير تي اکيون ٻوٽجي وينديون هيون.

آسڪر وائيلڊ، ورڊس ورٿ جي باري ۾ چيو هو "هن پٿرن مان اُهي

خطبا ٻڌا، جيڪي هن اُتي لڪائي رکيا ها.“ ٿارو شهري زندگي جي باري ۾ چيو هو تہ، ”لڪين ماڻهو گڏ رهي بہ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪن ٿا.“ دريءَ مان ڪنهن اجنبي پکيءَ جي لات ايندي آهي تہ منهنجون اکيون پرجي ايندڙيون آهن. هتي سنڌ جا ڪهڙا ڪهڙا پکي ياد ڪريان، جن کي بيتن ۽ واين ۾ مون سمايو آهي. ٻاٽيهر، هڙيا، جهرڪيون، چتون، سانهيون، تتر، آڙيون، ڪوڪڙاٽ، ڪهنگ، ڪاٺ ڪٽا، هنج، گهگهہ، ڳيرا، ڪانئرا، چڙيون، پرمار، ڪانگ، مور، ڪونجون، گهُگهہ، متاع، بانشا، پوريون روڏا، سارس، ٻتير، ٽپٽيون، ٽيٽيهر، نيرڳون، پاريهر، ڊانڊيئڙا ۽ چانهہ. انهن جون ڪهڙيون چانگون ياد ڪريان. جڏهن چَتن جي چانگ اڏار ڪري آسمان ۾ اڏامندي هئي تہ آسمان نمر جي وڻ وانگر لڳندو هو جنهن جون ٽاريون طوفان ۾ تيزيءَ سان جهولنديون هيون. اها چين چين، چينگهار اهي لاتيون، اهي ٻولڙيون، جن لاءِ منهنجا ڪن سيڏائي رهيا آهن! اهي هو اڃ قرنڌڙ ڪنيپ، اهي رنگارنگ پر، چهنبون! سڀ ڪجهہ تہ مون ڪان ڪراچيءَ کسي ورتو آهي! مون کي پنهنجي ڪار آهي، تڏهن بہ چيلهہ جي سور جي شڪايت رهي ٿي ۽ ڪيتري وقت کان ٻاهر وڃي سگهيو ناهيان. افسوس! پيري صد افسوس!! ٻڙ جو اهو حصو جو زمين ۾ لهي ويندو آهي، اُهو اُن حصي کان وڌيڪ اهم هوندو آهي، جو ڌرتيءَ کان ٻاهر هوندو آهي. منهنجي جيءَ جون جڙون ٻهراڙيءَ ۾ آهن. وشال ڌرتي، وشال آڪاس، رنگارنگ وڻ ۽ وليون، ڏيهي ۽ پرڏيهي پکيئڙا مون ڪيترا نہ ڏٺا آهن!

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن دعوت تي هوٽل ۾ ويندو آهيان، تڏهن سوچيندو آهيان تہ هتي آدم خور نئپڪن رکي، چمچو ۽ ڪانٽو استعمال ڪري، انسان نہ ٿا ٿي سگهن؟

شاعري فلسفي ۽ سياست کان مختلف ڳالهہ آهي. سقراط جو چوڻ آهي تہ، ”وڻ ۽ ٻنيون مون کي ڪجهہ نہ ٿيون سيکارن، پر شهري ماڻهو سيکارن ٿا.“

سقراط يونان جو باشندو هو اتي رهندو هو جتي دنيا جا عظيم فلاسفر رهندا هئا. جتي باسفورس ۽ مارمرا سمنڊ تي آفتاب جي غروب ۽ طلوع جا خوبصورت نقشا هوندا هئا،۽ جي هن جي حلقي ۾ هوندا ها ۽ صبح شام ازلي حقيقت جي تلاش ۾ هوندا ها ۽ اُتي اُن تي بحث ڪندا ها. اج ڪلهہ

شهري ماڻهو حرص وهوس جا ٻندا، دولت ۽ اقتدار جي تلاش ۾ پريشان آهن. سقراط جي زماني ۾ شراب پي ڪري موت ۽ زندگيءَ جا مسئلا حل ڪندا ها، اڄ ڪلهہ ماڻهو پي ڪري پاڻ تي وڃن ٿا ۽ اُهو وسارِي ڇڏن ٿا تہ هو ڪڏ جي ڪنڌيءَ تي وينا آهن. موت ڪڏهن بہ ڪين ڏِڪو ڏئي ڪڏ ۾ ڪيرائي سگهي ٿو. سقراط وارا ماڻهو شهري نانگ نہ هيا، اڄ ڪلهہ تہ ماڻهو زهري نانگ آهن. روميءَ جو هيٺيون شعر مون کي بار بار ياد ايندو آهي.

دی شیخ باچراغ همی گشت گردِ شهر،
کز دام ودد ملولم وانسانم آرزو ست.

(ڪالهہ شيخ ڏيئو کڻي شهر ۾ ڦري رهيو هو ۽ (چئي رهيو هو) تہ ڍور ڍڳي مان مايوس آهيان، مون کي آرزو آهي تہ انسان جي آهي.)

اڄ ڪلهہ علامہ اقبال وارو انسانِ ڪامل تہ ڪُجا، فقط انسان بہ مشڪل سان ٿو لڀي. دروغ گوئي، دغا، فريب دهي، ننهن کان چوٽيءَ تائين حرص وهوس، انسانيت ناپيد، مهرو وفا ناپيد، خلوص ۽ ديانتداري ناپيد. اڄ ڪلهہ فلوس اڳيان خلوص پيرن جي مَٽُ آهي. اڳي ان جي ابتڙ هوندو هو. هن شهر کي يڪ رنگي آهي ۽ ان جي سِر سِر تي خون ۽ جنون سوار آهي. جيئن فرينچ انقلاب وقت ان ڪنڌيءَ عورت تي سوار هو جا ميري ائنٽونيٽ کي گلوٽين هيٺان ڏسي کلي هئي. هتي بيورو ڪريٽ، ٽيڪنو ڪريٽ ۽ آفيسر شاهيءَ جو وار بہ ونگو نہ ٿو ٿئي. انهن جي باري ۾ ڪوئي اتفاقي واقعو پڙهجي ٿو. باقي ڪجهہ وقت اڳ عوامي دهشتگرديءَ ۽ ان جي خلاف سرڪاري دهشتگردي ۾ ڪيئي غريب غربا، جي محنت مزدوري ڪري آل عيال پاليندا هئا، عذاب ڏئي رتو ڇاڻ ڪيا ويا ۽ بي درديءَ سان ماريا ويا. ڪراچي جڻ ڪو لاطيني آمريڪا جو شهر هو. آصف فرخيءَ اهڙي هڪ ناول جو ترجمو مون کي ڏنو جنهن کي پڙهي هتي جي دهشتگرديءَ واري ماحول ۾ مون ڪيئي خواب پريشان ڏٺا ها.

چڱائي آهي تہ ٻهراڙيءَ ۾ آهي، هاري، جيڪو اُس ۾ مينهن ۾ پگهر جو پورهيو ڪري ٿو تولاءِ اناج اپائي ٿو جنهن کي پيرن ۾ ڪلٽر آهن، مٽي تي پُراڻي مَٽُ هاٿي پڳ آهي، جنهن کي هر پارٽي ڏنا ڏئي ووٽ وني ٿي، جڏهن هو محسوس ڪري ٿو تہ هن جي چوڌاري ڦورو ۽ نڳ آهن تہ هو ڏڪارو ٿئي ٿو.

مون کي چيلھہ جي سور جي شڪايت رهي ٿي ۽ ڀهراڙيءَ ۾ ڪيترو وقت وڃي نہ سگهيو آهيان. افسوس ڀيري صد افسوس! ڀهراڙيءَ ۾ ڪوڙا ۽ ننگ، ڪپتيا ۽ ڪمينا انسان نہ آهن. هنن جي گهرڙي ۾ ڀڳ پور آهي ۽ پينگ ٿي وسي. زميندار اڳي کان بہ ڪرڙا ۽ ترڙا آهن ۽ هارين جي گهرن ۾ ڪنگ راڙ تي ڪن لاتار ڪن ٿا ۽ پجيرو جيپس ۾ وڏي ڪرفر سان نڪرن ٿا. تڏهن هاري ڏند ڪرٽي ۽ منيون پڪوڙي، ڪلاشن ڪوف ڪٽي ٿو "ڪهوءَ تتر گنديءَ ۾" چئي (ماڻهوءَ کي ڦاسائي) ماڻهو اغوا ڪرائي ٿو ڏاڙا هٽي ٿو ۽ ڀاڄهہ کان وانجهجي وڃي ٿو.

ڀهراڙيءَ ۾ درندگيءَ جي فضا شهري زندگيءَ پيدا ڪئي آهي. شهر ۾ سوٽ ڪوٽ پاتل ۽ ڀهراڙيءَ ۾ چتيون لڳل چوليءَ ۽ پوتڙي وارا ڏاڙيل آهن. ڇا هاريءَ کي نجات ڪوئي نہ ڏياريندو؟ ڪوئي تہ ڪمال اتاترڪ، ڪوئي تہ قضافي، ڪوئي تہ ڪاسترو ايندو! جمهوريت جا نعرا، بہ چانگي ڪانيءَ جهڙا کليل وات پنجاهہ سال ڏناسين. سڀ ڳياڙي هٽي ويا ۽ عوام ڪياڙي کنهندا رهيا. ڇا ڪميونزم جي خاتمي سان حق ۽ انصاف لاءِ جدوجهد ختم ٿي وئي؟ ڇا روس جي ڪسان پارٽي صحيح نہ هئي، جا بالشويڪن ڪُچلي ڇڏي؟ ڇا سرگئي يسي نن جي خودڪشي حالات جو منطقي نتيجو نہ هئي؟ اڄ ڪلهہ مزدور ليڊر جهڙو ڪم چور، ڪاهل ۽ مفت خور اوهان کي ڀيو نہ ملندو. هي جي نروپيئن ٿا ۽ ڪسبياڻين وٽ پهچن ٿا، پنهنجي ڏانڊلي ڏؤنس مچائي، مزدور اتحاد جي نالي ۾ ڪم ڪڍن ٿا. سرمائيدارن کان بہ وڏيڪ بي ايمان آهن. سرمائيدارن کي خوفِ خدا آهي تہ مزدورن لاءِ ڪجهہ ڪن ٿا. منهنجو هڪ دوست شيخ اسد ڪراچيءَ ۾ ليبر ڪمشنر هو. هڪ ڏينهن مان هن وٽ ويٺو هوس تہ هڪ مزدور ليڊر آيو ۽ هن جي ميز تي زور سان مُڪ هٽي ڳالهائڻ لڳو. مزدورن جا ڪجهہ مطالبا هئا، جي هن مڃائڻ ٿي چاهيا. آخر هو انهيءَ لاءِ اسد شيخ کي ٽي ڏينهن مهلت ڏئي ويو. اسد شيخ ٻڌايو تہ، "هي حرامي ڪم چور آهي ۽ مون ان تي جڏهن کان هن کي چينپيو آهي، تڏهن کان هن اها ڏؤنس ۽ ڏانڊلي مچائي آهي."

عام هاري اسان لاءِ ان داتا آهن، پنهنجي اُپاٽهار کان ٻڄن ٿا ۽ ڪوڙ، ڪوٽ ۽ ڪُڏائيءَ کان پاسي رهن ٿا. ٽُوري جي ڪيت ۾ سج هنن سان گڏ سَر بسجود ٿئي ٿو ۽ جڏهن هو آواندا ٻڌن ٿا تہ پاڻيءَ ۾ چنڊ هنن کي ڏسي

مُرڪي ٿو ۽ هنن جي ٿڪل لڱن تي انگُ سُڪ چانڊني جا پها رکي ٿو ۽ ذڪرڻ هير انهن جو پگهر سُڪائي ٿي. اهيئي هاري سچي پرولتاريت آهن ۽ پاڪستاني سماج ۾ تبديليءَ جي واحد ضمانت آهن. ڪوڙر ڪان ڪلاشنڪوف تائين وٽي وڏي نہ آهي! اي زميندارؤ ۽ سرمائيدارؤ! تاريخ مان سبق ڇونہ ٿا سکو؟ پر ڇا ڪجي، اوهان تجوڙيءَ جي تيهڙ ۾ مبتلا آهيو. نوٽن جون ڪڙاڪي دار ٿهيون، اوهان جا مصحف آهن. اوهان کي ڪنڌ ۾ ڪلي آهي ۽ پنهنجي بئنڪ بئلينس تي بانورجي پيا آهيو. اوهان کان وسري ويو آهي تہ شڪارپوري اوڌو داس تاراچند خيراتي اسپتال جي ڏاڪي تي پنهنجو نالو اُڪرائي ڇڏيو هو تہ جيئن آيو ويو اُن کي لتاڙيندو وڃي، پر ڪالهہ جي سُود خورن ان ڳالهہ تي نہ ويچاريو ۽ اڄ تائين اُلهاس نگر کان مدراس تائينَ ڏرم جا ڏڪا ڪائيندا ٿا وتن، ڪابہ ڌرتي ڪين پنهنجو نہ ٿي ڪري ۽ نہ هو ڪنهن بہ ڌرتيءَ کي پنهنجو سمجهي سگهن ٿا.

يا خدا! ڇا مان اندرين سنڌ ٻيهر ڏسي نہ سگهندس؟ ڇا ڪراچيءَ جي دونهين ۽ گهٽ ٻوساٽ واريءَ فضا، گُوڪاري واري ٽرئفڪ ۽ بسن، موٽرن، ٽرڪن ۽ رڪشائن جي هُل هلاچي ۽ گوڙ گهمسان ۾ مان پنهنجو وقت پورو ڪري ويندس؟ ڇا مان سنڌ جي گسن تي ٻولاهاُ، ٻگا، ڪانورا ڏاند ڏسي نہ سگهندس ۽ رڳو تصور ۾ اهي ڏاند گاڏين ۾ جوٽيل ڏسي سگهندس، جن جا ڏورٽا مون کان وسري نہ ٿا وسرن!

هتي تہ ڪڏهن ڪڏهن وڪٽوريا گاڏي نظر اچي ٿي، جنهن تي بسن وانگر پٽل جا پڙڇ چڙهيل آهن ۽ چوڏاري چمڙي تي چٽ آهن. ڪٿي سنڌ جا هُو ڪميت، مشڪي ۽ سنجاف، جن کي مون ”سُر ڪيڏاري“ ۾ ڳايو آهي ۽ ڪٿي هو ابلق، سرخا، چينا، ٻڍا ۽ ٻاڪر، ڪٽ مست گهوڙا، جي توبرا کائي ويندا هئا ۽ اڙيءَ سان اڏامندا ويندا هئا. ڪٿي هو وهڙا، پاڏا، اٺ، ڏاچيون، گوئرا، ڏاگها، ڪرها، توڏا، جي مون تر ۾ ڏٺا هئا، جتي اهي جوٽيا ويندا هئا ۽ ورائي ونگيا ويندا هئا. متارا وڇيرا، جن جون رانون ڪبڙن جي ٽڙن وانگر هونديون هيون! ڪيڏي نہ رنگارنگ دنيا هئي سنڌ جي! ڇا ڪاري ڇاڻ کان ڪيٽي بندر تائين سفر وري ڪري نہ سگهندس ۽ سردار ماڇي خان جي ڳوٺ ۾ ۽ سردار عبدالرزاق ڏهر جي ڳوٺ ڪينجوءَ ۾ نہ وڃي سگهندس؟

يا خدا! ڇو تو مون کي سنڌ جي گس گس، سڙڪ سڙڪ، واريءَ،

ڪڪريءَ ۾ مٿيءَ کان جدا ڪيو آهي؟ سنڌ جا وڻ، پکي ۾ پسون منهنجي وجود جو حصو ها! اڄا تائين مون کي اُها رات ياد اچي رهي آهي، جڏهن مان رباني، ابراهيم ۽ ٻيا ٻہ ٽي دوست ڪينجهر تي ڪنهن بنگلي ۾ لٿل هئاسين. ٽين بجي رات جو مان ڪينجهر جي ڪناري ڪُرسي رکي ويٺو هوس ۽ پاڻيءَ ۾ چنڊ ڏسي رهيو هوس تہ اوچتو ربانيءَ اچي مُنهنجو ڇرڪ ڪيڍي ڇڏيو. ڇا مان اهو وساري سگهندس تہ مان ۽ ابراهيم جويو هلايا جي بنگلي ۾ ٻتيءَ هيٺان ڪُرسيون وجهي ويٺا هياسين ۽ وسڪي پي رهياسين. مون ساري رات ڪتاب "وڄُون وَسڻ آيون" هن کي پڙهي ٻڌايو هو. ٿوري جهپ لائي اُٿياسين تہ جهڙتڙ جهورجهڪورَ جو سمو هيو ۽ واءُ تيزيءَ سان گهلي رهيو هو اسان بگهاڙ واهہ ڏانهن ڏنيري جو شڪار ڏسڻ وياسين. رستي تي مون هڪ جهُبي سان عورت ڏٺي، جا پنهنجي ڪڪرن واري آجرڪ سان پنهنجا اُرهہ ڍڪي رهي هئي ۽ مٿي تي ٻهڙو بہ کڻي وڃي رهي هئي. هوءَ ايتري اچي ۽ ڳاڙهي هئي، جو منهنجون نظرون جهانورائي ڇڏيائين.

اسان بگهاڙ واهہ وٽ پهتاسين تہ ڏنوسين تہ پل وٽان پاڻيءَ مان ڏنيرا ٽپا ڏئي اچي ڪنڌيءَ تي ٽي ڪريا. ماڻهن اُهي هٿ سان پڪڙي ٽي وتا. ڪنڌيءَ تي ترڪڻ هئي ۽ واهہ ۾ پير کسڪي وڃڻ جو انديشو هو. مان سنو تارو هوس، سو ترڪڻ جو خوف نہ ڪري مون هڪڙو ڏنيرو هٿن ۾ جهليو پر اُهو پاڻيءَ لاءِ ايترو تڙڦي رهيو هو جو مون اُهو پرسان بيٺل مهاڻي کي نہ ڏنو ۽ هن کي زور سان مٿي اُڇلايم ۽ هو وڃي واهہ ۾ ڪريو. منجهند جي مانيءَ ۾ ٻاڪرو گوشت ۽ ڦلڪا کائي اسان ٿورو آرام ڪيو. سانجهيءَ ٽاڻي سج ڀهاڙيءَ جي ڪجاوي تان هيٺ لٿو تہ اسان چلايا ريسٽ هائوس ڏانهن ٽيلها کڻي هلياسون. اڃا سُجهندو هو پريان هڪ جهپ ڏاڙهيو مڙساڙو وڃي رهيو هو جڏهن هن جي ويجهو پهتاسين تہ پڇا تي هن ٻڌايو تہ "هو برهماڻي جت هيو ۽ انڙيون ڏهڻ ويو هو. هُن انٽيءَ جي کير کي اُست ٽي ڇيو ۽ ڇيائين تہ اُهو مڙسيءَ لاءِ چڱو آهي ۽ اُهو جي ساندهہ پئجي تہ ماڻهو لوڙهہ وانگر مضبوط ٽي ويندو." هن ڇيو تہ "رستي تي لنڊيون ۾ ڪپر آهن، سو خيال سان ويجو." پوءِ تڪڙو تڪڙو واءَ جي جهپاٽي وانگر پريان پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن ويو. هن جي ڳاڙهسري ڏاڙهي لهندي شفق سان هم رنگ هئي. چلايا ۾ بجلي ڪانہ هئي، سو مون ميڻ بتيءَ تي ابراهيم کي باقي مسودو پڙهي ٻڌايو.

هتي مون کي ڪبير شاهہ جي هڪ سٽ ياد اچي رهي آهي:

”هوت وَٺي هنج ڳري، آءُ، ويندس جبل جهجهہ.“

سنڌيءَ ۾ جهجهہ يا جهاجهہ، جهجهائي کي چوندا آهن. اها سٽ ياد ڪري مان ڪير ٿر، ڪارونجهر، پپ، هالار، هنگلاج تائين جمال ابڙي سان سير تي لکڻ ٿو چاهيان، پر پهرين لينن گراڊ جي ڊائري پوري ڪري وٺان.

ولاديمر مايا ڪووسڪي، اليگزينڊر بلاڪ ۽ يسي نن کان سواءِ ٻيا روس جا جديد شاعر سڀ ٽِتر بِتر ٿي ويا آهن. اسٽالن پرائيز ونر شاعر ڳولي نٿا لڀن. اهي سڀ فصل ٻٽيرا هيا. مون انهن جا مجموعا نظر مان ڪڍيا آهن. اهي ابراهيم خليل، رشيد لاشاريءَ ۽ شيخ راز جهڙا ها، جن کي انت مٽيءَ جو ٻيُ پرٽو هو. هنن جي شاعري بہ هنن سان گڏ لٽجي وئي. ماياڪو وسڪي بہ لينن وانگر اهميت وڃائي ويٺو ۽ مان نہ ٿو ڀانيان تہ هئي ٻي جنم جا منتظر آهن.

اڄ سوڀو آيو هو. بيماريءَ ڪمزور ڪري ڇڏيو اٿس. هن کي اڄا تائين بالشويڪ جهڙي قوتِ ارادي آهي، پر بيماريءَ هن کي نِستو ۽ نہل ڪري وڌو آهي. مون دل ۾ چيو تہ لينن تہ چيو هو ”هڪ قدم اڳتي، بہ قدم پٺتي....... اها ڳالهہ افراد جي زندگيءَ ۾ ۽ قومن جي تاريخ ۾ پارٽين جي ترقيءَ ۾ اچي ٿي.“

مون کي سوڀي لاءِ عزت آهي، ڇو تہ هُو حَشو ۽ ابراهيم، منهنجي ذهني اوسر جا باعث ها. پر هاڻي تہ ڪميونسٽ بہ قدم تہ نہ، پر سئو قدم پٺ تي هٽي ويا آهن.

مون سوڀي جي چوڻ تي هن سان وعدو ڪيو تہ آتم ڪهاڻيءَ جي ٽئين حصي کان پوءِ سندس ڪهاڻين (ڪالمن/خاڪن) تي ۽ جيڪي بہ ڪميونزم جا هم سفر ها، انهن تي هڪ وڏو مضمون لکندس. پهرين تہ هن چيو تہ مان بہ همسفر ئي تہ آهيان، پر پوءِ مون کي چيائين تہ همسفر نہ، مان سوشل ڊيموڪريٽ آهيان. هو واقعي سوشل ڊيموڪريٽ آهي ۽ هميشہ جمهوري مرڪزيت جو قائل رهيو آهي. هن اڳي مون کي ٻڌايو هو تہ رڳو هڪ ڀيري هن پارٽي ميٽنگ سڏائي هئي، ”سنڌ ۾ فقط چار ڪميونسٽ وڃي رهيا هئاسين، تڏهن پارٽيءَ جي لائحہ عمل تي متفق نہ ٿي سگهياسين، تڏهن مون کين چيو ڪامريڊو! مان ميٽنگ برخاست ٿو ڪريان.“

هاڻي تہ سوڀي کي ٻيا ٽي ميمبر بہ مشڪل ملندا، پر همسفر ڪيئي ملندا، ڇوتہ سنڌ سان نسورو ناحق ٿي رهيو آهي ۽ حق ۽ انصاف جي اصول

خاطر سنڌي نوجوان ڪميونزم ڏانهن راغب آهن ۽ اڳيون الميو وساري ڇڏيو اٿائون. مون سان بہ ناراض آهن تہ مون ڪجهہ دقيانوسي ڳالهيون ڪيون آهن. وليم جيمس چيو آهي تہ ”تعليم يافتہ طبقي تي جو خوف ڇانيل آهي، اُهو تهذيب لاءِ وڏي اخلاقي بيماري آهي.“ جيستائين ان خوف جا ڪارڻ نہ ڳوليا، معاشري مان افراتفريءَ جو سوداءُ نہ ويندو.

ماياڪو وسڪي بہ لينن وانگر اهميت وڃائي وينو آهي ۽ جڏهن سرخ انقلاب ئي پورو ٿي ويو هن جا نظم ڪيستائين ۽ ڪنهن کي اتساهي سگهندا؟ بهرصورت ماياڪو وسڪيءَ جي شاعريءَ جو نمونو ڏسو:

”اسان کي گولي نہ ٿي ڏنگي سگهي،
اسان جا گيت هٿيار آهن.
۽ سون اسان جي گرجندڙ آواز جي ڇَڻ ڇَڻ آهي.
آسمان چنڊ تارن تي نہ ٽڏي،
اُنهيءَ ڪانسواءِ اسان کي پنهنجا گيت اُٽڙ اچي ويا آهن.“

هتي سرمائيداريءَ جي باوجود، هن شهر کي ڪڪ ڪندڙ يڪرنگي آهي ۽ اُن تي خون ۽ جنون سوار آهي، جيئن فرينچ انقلاب وقت اُنهيءَ ڪنڊيءَ پورهيت تي سوار هو جنهن ميري ائنٽو نيٽ جي سِرکي گلوٽين هيٺان جهڪندو ڏسي ٽهڪ ڏنا ها.

آمريڪا ۾ جمهوريت آهي، انڪري والٽ وٽمئن کي معنيٰ آهي.

اُردو شاعريءَ ۾ جوش مليح آباديءَ ۾ گهڻ گهرج تہ گهٽي آهي، پر جڏهن نقارو ئي ڦاٽي پيو تہ هر نظم وڃي کڏ ۾ ڪريو. سياست سان دلچسپي وٺڻ وارا شاعر ان ڳالهہ مان عبرت حاصل ڪن تہ ڪنهن فرد، جماعت يا نظرئي سان وابستگي نہ ڏيکارن. آخر ڪاليداس، حافظ، فردوسي، خيام، گوئٽي، ورجل، بودلئير، شيڪسپيئر، پٿائي، ليوپاردي، ٽئگور وغيره پنهنجي آرٽ کان سواءِ بيو ڇا سان وابستہ ها! ڇا هو ڪنهن جا ڍنڍورچي ۽ دُم ڇَلا هيا! نہ هو ڪنهن جا قصيده خوان نہ هئا، ڇوتہ هو ڪنهن بہ حاڪمِ وقت کان وڌيڪ زياده اهم ها.

ڪنهن بہ جماعت سان وابستگي اُن کي ثنا خوان تہ مهيا ڪري ڏئي ٿي ۽ سياسي حلقا اُن جي پذيرائي ڪن ٿا، پر جڏهن اُها سياسي جماعت

اقتدار ۾ نہ ٿي رهي تہ اُن سان وابستہ شاعر بي وزنائتا ۽ ڍُهلاري ليڪيا ويندا هئا. پاسترناڪ هڪ عظيم شاعر هو جنهن پنهنجي شاهڪار ناول ڊاڪٽر زواگو ۾ چيو هو ”اسان ڪنيو حُسن ۽ عشق، موت ۽ زندگي، ازل ۽ ابد باقي دنيا بدلائڻ جو ڪم ننڍن ماڻهن لاءِ ڇڏيو.“ گهڻو ڪري اهي ننڍا ماڻهو ٻناڪي، نڙاڪي، نہ پتائي ۽ ڪوتا هوندا آهن. هُو عوام کي ڪوڙا دلبا دلاسا ڏيندا آهن ۽ ڪيسي ۾ جنت کڻي گهمندا آهن.

عوام ويسوڙا ۽ ويساهي تڳجي هر وعدي فراموش کي ووٽ ڏيندا آهن. ڇا اها جمهوريت آهي، جنهن لاءِ مون جَيل ڪاٽيا آهن، اذيتون سٺيون آهن ۽ اڌ عمر کان وڌيڪ سي. آءِ ڊيءَ جي نظر داريءَ هيٺ رهيو آهيان؟ تاريخ جڏهن پلٽو کائي ٿي تہ نظرياتي وابستگيءَ وارا ڦان ٿي ڪرن ٿا ۽ سياست کان ئي بان ڪري وڃن ٿا. هنيلا هٿ نٽا هارن ۽ اهو نہ ٿا ڏسي سگهن، تہ تاريخ ڪين پنهنجي ڪيپ ۾ اڌ رستي تي ڇڏي اڳتي نڪري وئي آهي! هُو اهو نہ ٿا سوچي سگهن تہ تحريڪون عوام لاءِ آهن، عوام تحريڪن لاءِ نہ آهي. انهن جون ٽنگون ٻانهون پيچي سياستدانن لاءِ مچ مچايا ويندا آهن. انهيءَ مداريءَ جي کيل ۾ عوام فقط ڪٺ پتليون آهن. پاڪستان جا جاگيردار لٽ مار جي کٽي کيل ڪروڙن تي ڪُڏن ٿا، نہ تہ لهن ڪوڏي بہ نہ. هو پنهنجيءَ سياسي ڪوڏيءَ ڪوڏيءَ ۾ رُڌل ۽ ريڌل آهن، ڪڏهن هارائن ٿا، ڪڏهن کٽن ٿا ۽ نيٺ ٽنگ پيچائي ڪنهن ڪنير جي تلاش ڪن ٿا.

هاڻي وري لينن گراڊ جو ذڪر جاري رکان ٿو. ان جو تشخص برقرار رکڻ لاءِ 1917ع واري انقلاب کان پوءِ ڪائي نئين جاءِ نہ جوڙي وئي آهي. حيرت آهي تہ لينن گراڊ ۾ ڳاڙهي پٿر جي جاين جي اڏاوت اهڙي آهي، جهڙي حيدرآباد ۾ عاملن جي ڪجهہ جاين جي!

بانو قدسيہ چيو تہ ”مان حرام ۽ حلال ۾ هتي تميز نہ هجڻ سبب گوشت نہ ٿي کائڻ چاهيان.“ هوءَ فقط ٽماٽا ۽ سلاد کائيندي هئي، يا چيز مکڻ ۽ ڊبل روٽي کائيندي هئي. سرڪاري ڪار جي ڊرائيور اسان کي دڳ ڏيکاري چيو تہ ”ٿوري پنڌ تي ڪئفي آهي، جتي چڱي ماني ملندي آهي.“ مون سرگيءَ کي اڳ ئي چيو هو تہ چائنا هوٽل جي بورجوا ماحول مون کي ڪڪ ڪري وڌو آهي ۽ اڄ اسان ماني ڪنهن عوامي ڪئفي ۾ کائينداسين. بارش زور

سان وسي رهي هئي، جيتوڻيڪ وچ جا ڪڙڪاٽ ۽ چمڪاٽ ڪونہ هيا. هزارين مرد ۽ عورتون ڇٽيون مٿان جهلي وڃي رهيا ها. سرگيءَ ڇٽي جهلي ۽ مون پلاسٽڪ جو رين ڪوٽ پاتو جو مون راولپنڊيءَ مان خريد ڪيو هو. اسان ڏيڍ ميل کن پنڌ ڪيو. رستي تي جڙ ڀريون پئي ويون. سيني کي صاف سٿرا ڪپڙا ۽ سئنڊل پيا هئا. سرگي هڪ ڪئفي وٽ ترسيو جو زمين جي هيٺان هو ۽ ٻاهران ماڻهن جي قطار هئي، جا ڪئفي تائين پهتي ٿي. اندران جڏهن هڪڙو ڄڻو ماني کائي ٿي نڪتو تڏهن ٻيو ٿي اندر ويو. سرگيءَ چيو ”ڪئفي ۾ جاءِ وٺڻ لاءِ ڪلاڪ کن لڳي ويندو.“ اسان ميل کن پنڌ ڪري ٻئي ڪئفي وٽ پهتاسين تہ اڌ ڪلاڪ لڳو. اسان اندر وياسين تہ سرگي ڪوپن وٺي آيو. اسان ٻہ روبل ڏئي انار جي رُب ۽ برچ جي ڪنمتڙي ٻاٽيءَ جا ٻہ گلاس، سوپ، گوشت، آلو مغربي انجير (Olive) ليمي جا ڳترا، اوٻاريل جَو ۽ اسٽيڪ ورتي. منهنجي سامهون برچ جي ٻاٽيءَ جهڙي ڪنمتڙي ڇوڪري ويٺي هئي، جنهن کي اسڪارف ٻڌل هو اُها دل ۾ چڀي وئي، هوبهو مارل جهڙي هئي.

جڏهن مان سکر ۾ وڪالت ڪندو هوس، تڏهن منهنجي دوست مدد علي انجنيئر چيو تہ ”يار، تو ۾ هڪ ڪم آهي، وعدو ڪر تہ ڪندين!“ ”هائو.“ مون جواب ڏنو. هو منهنجو هم پيالي ۽ هم نوالي ڪرڙوڏ دوست هو. هن چيو تہ، ”تو منهنجي گهر مارل تہ ڏٺي آهي نہ. جنهن کي مان زليخا يوسفي ڪوٺيندو آهيان، اُن جو تو ۾ ڪم آهي. هن ڪوئيٽا ۾ جاءِ ورتي هئي، جنهن تي هڪ پٺاڻ زبردستي قبضو ڪري ويٺو آهي. نہ هن کي ڪرايو ٿو ڏئي ۽ نہ قبضو ٿو خالي ڪري. مارل کي ڪوئي سٺو وڪيل ڪري ڏي. هن جو مڙس تہ آهي ياڙ جو تنبو. سو تہ ڪنهن ڪم جو نہ آهي. توکي پنهنجي ڪار پيٽرول سان پرائي ٿو ڏيان ۽ تي چار هزار رپيا سفر خرچ لاءِ بہ ٿو ڏيان. تون هنن ٻنهي سان گڏجي وڃ ۽ هنن کي ڪوئي سٺو وڪيل ڪري ڏي. مون کي انڪار نہ ڪجانءِ، عاشقيءَ ۾ ناز نخرا تہ سهڻا پوندا!“ مون هن کي چيو تہ، ”سفر خرچ تہ پاڻ وٽ رکُ، رڳو ڪار پيٽرول سان پرائي ڏي ۽ مارل ۽ هن جي مڙس کي علي الصبح جو منهنجي گهر موڪل.“ مان صبح صبح جو هنن سان ڪار ۾ ويس تہ بيل پٽ ۽ پاڳ ناڙيءَ وٽ ڪجهہ يادگيريون آيون، جي بہ ڪنهن وقت لکندس. مان ڪار ۾ ڊرائيور سان اڳينءَ سيٽ تي ويٺو

هوس ۾ مارل، جا شڪارپور جي موچياڻي هئي، پنهنجي مڙس سان پنين ۽ سيٽ تي ويٺي هئي. اوچتو ڪويل جهڙو منو آواز آيو مون منهن ورائي ڏٺو تہ مارل ڪلاسيڪي انداز ۾ ميران ٻائي ۽ جي گيت جي هڪ سٽ ڳائي رهي هئي، ”وچ گهنگهرو ٻانڌ ڪي، ميرا ناچي ري“

هن جو منو آواز ٻڌي واٽهڙو بيهجي ٿي ويا. مون مارل کان پڇيو تہ ”اها سنگيت ڪلا تو ڪٿان سکي آهي.“ مارل جواب ڏنو تہ، ”مان جڏهن انجنيئر صاحب وٽ هوندي آهيان، تڏهن هن جي چوڻ تي مون کي ڪوئي ڪلونٽ سيکاريندو آهي. اسان جا هفتي ۾ پنج ڏينهن انجنيئر صاحب وٽ گذرندا آهن ۽ مان موسيقي سکندي آهيان ۽ منهنجو مڙس نوڪرن ۾ بورچي ۽ سان ليوڊي ۾ نانگڻ کيڏندو آهي. هن جي هڏن ۾ ڪيڻان آهن، ڀهڙو ناتائو ۽ سنڌن سُڪو مرد تو ورلي ڏٺو هوندو! جڏهن کان مون سان شادي ڪئي اٿائين تہ ڪڪُ پيجي ٻيٺو نہ ڪيو اٿائين. في الحال تہ انجنيئر صاحب کي سکر ۾ چار سال ٿيا آهن، اُهو ٿو پالي، پر شايد هو مدو وڌائي اچي.“ جڏهن مستونگ جي هوٽل وٽ پهتاسين تہ مارل چيو ”مون کي ڏاڍي بُک لڳي آهي.“ هوٽل پرسان هڪ چپرو هو جتي پرولتاري چاءِ ملي رهي هئي. اسان ڪار اُتي بيهاري. هوا ۾ ڪجهہ نمي ۽ سردي هئي. مارل ڪار مان نڪري ڪجهہ هوا جهٽي، شايد هڪ ٻہ ڏينهن اڳ مينهن وٺو هو. چاءِ خاني جي تري مان نسوار جي هواڙ ٿي آئي. اسان يڪدم هوٽل ۾ وياسين، ماني ۽ ۾ اسان چيلي جون سِجي ٽيل تي رانون، نان، ٽماٽا ۽ ڪپيل بصر گهرايا. مارل بيري کان پڇيو تہ، ”هتي رات گذارڻ لاءِ جاءِ آهي؟“ بيري ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي. مون کي مارل چيو تہ، ”سفر ڪري مان ڏاڍو ٿڪجي پئي آهيان. اسان ٽي ڪمرا ٿا وٺون. هڪ ۾ تون رهہ، ٻي ۾ مان ٽي رهان ۽ هڪ ۾ منهنجو مڙس ۽ ڊرائيور رهندا.“

مان ٻہ ٽڪل هوس ۽ ماني کائي ليٽي پيس تہ ستين بجي شام جو جاڳ ٿي. اسان نوين بجي رات جي ماني کائي هوٽل جي ڪمرن ۾ هليا وياسين. تڏڪار هو ان ڪري مان ڪمبل مٿان وجهي ليٽي پيس تہ ايتري ۾ مارل منهنجي ڪمري جو در کولي اندر آئي، هُن کي ڳچي ۽ ۾ اسڪارف ٻڌل هو ٻانهون نهريون هيون ۽ هڪ ٻانهن ۾ سونو ڪنگڻ ۽ گلابي اطلس جا ڪپڙا پيا ها. هن جي اسڪارف مان ڪنڌڙا ڪاڪُل ٽي لڙڪيا ۽ هن کي پنيان

بہ چوٿيون ٻڏل هيون. جي سندس چپلهہ تائين لڙڪي رهيون هيون. پيرن ۾ جهانجهر ٻڌل هيس. ڪريم لڳائڻ کان پوءِ هن جا ڳنا ڳٽين وانگر ٿي لڳا. مون تي نيمچيءَ جهڙي نهار وجهي وري ڳائڻ لڳي:

"وچ گهنگهرو ٻانڌ ميران ناچي ري"

تہ مون يڪدم هن کان پڇيو تہ، "توکي سنگيت ڪلا جي ڪنهن تربيت ڏني آهي يا ڪوئي رڪارڊ ٻڌي اهو راڳ سکيو اٿئي؟"

هن جواب ڏنو "جيستائين انجنيئر صاحب آفيس ۾ يا آئوٽ ڊور ڊيوٽيءَ تي هوندو آهي، تيستائين هڪ ڪلونت مون کي هارمونيم هلائڻ ۽ سنگيت ڪلا سيکاريندو آهي. هو مون کي دلربا ۽ وايولن بہ سيکاريندو آهي، پر مان اهي ساز پاڻ سان کڻي نہ آئي آهيان. منهنجو وايولن ٻڌي صاحب کي ننڊ اچي ويندي آهي. مان ڇير کڻي آئي آهيان، پر ڪار ۾ ڪيئن نچان ها؟"

پوءِ مون کان پڇيائين، "اهو راڳ توکي وڻيو؟"

"هائو" مون کيس چيو "ڪجهہ آهستي ڳاءِ تہ تنهنجو مڙس ۽ ڊرائيور نہ ٻڌن!"

"ڀلي ٻُڌن! منهنجو مڙس تہ جوءِ جي ياڙ ڪائيندو آهي، سو ڇا ڪندو؟ باقي رهيو ڊرائيور، ان لاءِ سئو رپيا خرچي ڪافي آهي. ٻوٿ بند رکڻ لاءِ سئو رپيا هُن ياڙ جي تري کي بہ تِريءَ تي رکجانءِ. هو آفيم جو عادي آهي، بہ ٽي ڏينهن تہ پنڪيون ڪائي سگهندو."

مون هن کي چيو تہ "تون منهنجي دوست جي سُريت آهين!" هن جواب ڏنو "انجنيئر صاحب سون جا ڪُشتا کائي کائي، ڏئي وڃي بيٺو آهي ۽ رڳو دل وندرائيندو آهي، تون پلنگ تي سُري سُمهہ!!" مون هن کي ناڪار ڪئي تہ هوءَ پٽ تي مُڙي ۽ پنيان هن جا ٽڙا ٻن وڏين سينگارين وانگر ٽڙڪي رهيا ها. مون کي اوچتو خيال آيو تہ هيءَ ڪوئي آئوٽ ٻنڌن تہ نہ تي چاهي!

"ترسُ!" مون هن کي ڏاڍيان چيو ۽ بلئنڪيٽ هٽائي ڇڏيم.

باک ڪنهن ڳاڙهي بوگين وِلا وانگر ڦٽي. اسين ڪوئٽا ڏانهن روانا ٿياسين. ڪجهہ پنڌ کان پوءِ هن پٺائيءَ جي وائي ڏاڍي سُريلي آواز ۾ ڳاتي:

"آءُ راٺا رهہُ رات، تنهنجي چانگي کي چندن چاريان."

هوءَ پٺيءَ سيٽ تي مون سان گڏ هٽ هٽ ۾ جهلي، منهنجي ڪلهي تي ڳاٽ رکي گڏ ويٺي هئي. جڏهن ڪوئٽا پهتاسين، تڏهن مان هن کي پنهنجي دوست پرمانند وڪيل جي گهر وٺي ويس. پهرين تہ هو مارُل کي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ آهستي چيائين، ”هيءَ چوب چيني پڇائي آيو آهين ڇا؟“ مارل هلڪو ٺهڪ ڏنو جو گلاب جي مُڪڙيءَ ڦٽڻ جي آواز وانگر لڳو ٿي. مون پرمانند کي سچي حقيقت ٻڌائي تہ هن چيو تہ،”وڪالت نامو بہ آفيس ۾ هوندو ۽ اسٽينوگرافر بہ اُتي، پنجين وڳي شام جو ايندو. منهنجي آفيس ڏٺي اٿي نہ؟“ مون چيو تہ. ”هائو“ ايتري ۾ پرمانند پنهنجي زال موتل کي چيو ”مهمانن کي منجهند جي ماني تہ کاراءِ!“ موتل مون کي سُڃاڻيندي هئي، ڇوتہ هوءَ ديوان سان بہ ٽي ڀيرا اسان جي گهر بہ آئي هئي ۽ زرينا هن جي ماني جهلي هئي. مون ديوان کي ڪَن ۾ چيو تہ. ”ڪنهن کي ٻاهور نہ پئي تہ مان ڪنهن عورت سان تو وٽ ڪيس سان آيو هوس.“ هن ٻڪريءَ جو گوشت، جيرا, ٻُڪيون ۽ بہ ٻڪريءَ جا مغز فراءِ ڪرائي کارايا. پوءِ اسان هڪ وڏي باغ سان هوٽل ۾ بہ ڪمرا ورتا. (هوٽل جو نالو وسري ٿو وڃي.) هڪ ۾ مارل جو مڙس ۽ ڊرائيور رهيا ۽ ٻئي ۾ مان ۽ مارل رهياسين.

مون مارل جي مڙس کي سؤ جو نوٽ ڏنو هو تہ هن ان تي هِل وانگر لامارو ڏئي مون کان کسي ورتو ۽ چيائين تہ،”سؤ رپين مان ڇا ٿيندو؟ سؤ رپين ۾ تہ ڪوئيٽا جو ميوو بہ ڪونہ ملندو. هڪ سؤ ٻيو بہ ڏي“ مارل هن ڏانهن غصي سان ڏٺو.

ڊرائيور کي جڏهن مون سؤ رپيا ڏنا، تڏهن هن اهي موٽائي چيو تہ ”انجنيئر صاحب مون کي چار هزار رپيا ڏئي ڇڏيا آهن. مان هوٽل جو بل بہ ڀريندس ۽ ڪار بہ پيٽرول سان ڀرائي ايندس، باقي جيڪي پئسا بچيا اُهي هندو وڪيل صاحب کي في ۾ ڏئي هلنداسين.“ مون ڊرائيور کي بہ بہ سؤ رپيا ڏئي چيو ،”هي منهنجي طرفان تنهنجي خرچي آهي.“ جي هن ”ٿئنڪ يو صاحب“ چئي مون کان ورتا. پوءِ ڪورٽ جي وقت کان اڳ پرمانند وٽ پهتس ۽ ڊرائيور کي چيم تہ،”انهن پيسن مان هزار رپيا تہ ديوان کي فيءَ ۾ ڏي“ ديوان پيسا وٺڻ کان انڪار ڪيو اهو ٻڌي مارل ٺهڪ ڏنو. ان تي ديوان چيو:

”وڃ کي پڇري ۾ ڦاسائي آيو آهين؟“ ۽ چيائين تہ ”في ڏينديئن تہ اُفي ڪندوسانءِ.“

ديوان پرمانند منهنجو ڇهين درجي انگريزيءَ ڪان يار هو. اسان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هياسين، جو ريلوي اسٽيشن کان ٻہ سؤ قدم پري هوندو هو. اتي هن جو پيءُ اسٽيشن ماسٽر هو. ڏاڍيءَ گرميءَ ۾ اسان اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ پکي هيٺان وڃي ويهنداهئاسين ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو ماني بہ اتي کارائيندو هو. مون کي فارسي ڏاڍي سٺي ايندي هئي ۽ مان ديوان کي درسي ڪتاب سعديءَ جو گلستان سمجهائيندو هوس. ڪنهن وقت اسان الجبرا، جياميٽري ۽ ٽرگنا ميٽريءَ جا سوال حل ڪندا هئاسين. ان موضوع تي ديوان ڏاڍا ڪتاب هندستان مان گهرايا هئا. هو شاعري بہ ڪندو هو ۽ مون کان درست ڪرائي ڪاليج جي مسيلني ۾ ڇپائي هيائين. هو ۽ مان ڪڏهن منوءَ ۽ ٻين ڇوڪرين جي باري ۾ بہ ڳالهائيندا هئاسين. ديوان کي هڪ چمون رنگ جي ڇوڪري وڻندي هئي ۽ چوندو هو تہ اسڪول جي پڌر ۾ بيٺل چمونءَ جي وڻ مان پڪل چمونءَ وانگر ڪري پئي آهي. غالباً هن جو پٽ مرليڌر مڪينيڪل انجنيئر ٿيو ۽ ڪيس ڈالميا سيمينٽ فئڪٽري ڪراچيءَ ۾ بنگلو مليو ۽ ديوان پرمانند بہ فئملي سوڌو هن سان گڏ اچي رهيو پر ڪوئيٽا ۾ اچا بہ ڪيس جاءِ هئي، جتي گرمين ۾ وڃي رهندو هو. منهنجا هن سان تعلقات هن جي ديهانت تائين هئا. هو ڪل مک، يوڳائي، نڙي نڪاوَ نشي نشي وارو مڙس هو. ڪنهن وقت هو ڳڙهي ياسين ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ بہ هو پراهو اڄ کان گهڻو اڳ جي ڳالهہ آهي. مان اڳ ۾ گهڻو ڪجهہ هن جي باري ۾ لکي چڪو آهيان. هن کي ڪافي وقت دل جي بيماريءَ جي خبر هئي ۽ مون ڄاتو ٿي تہ گهڻ ڳڙي رهيو آهي. اوچتو هن جي زال گذاري وئي. مان هن وٽ پرچاڻيءَ لاءِ ويو هوس. ديوان ۽ هن جي پٽ وارَ ڏنا هئا ۽ ديوان لڙهي ويوهو. اهو صدمو سهي نہ سگهيو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ دل جي بيماريءَ ۾ سرڳواسي ٿي ويو.

مارل مون وٽ بہ ٽي پيرا آفيس آئي هئي ۽ پوئين پيري چيائين تہ ”پرينهن ڪورٽ ۾ پيشي آهي. مون سان گڏ هل! مون کي ڪورٽ کان پوءِ ٿو ٽئي.“ هوءَ مون سان آفيس ۾ پوئين ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي هئي ۽ اڳيان بہ ڪمرا اصيلن سان ستيل هئا. مون هن کي چيو تہ ”تون مدد عليءَ وٽ هل، مان اُتي ٿو اچان.“

”سائين! متان وسري وڃيئي.“

مون ڪيس جواب ڏنو تہ اهڙي ڳالهہ ڪيئن وسرندي. مان نائين بجي مدد عليءَ وٽ ويس. مارل غاليچي تي ويٺي هئي ۽ هارمونيم هن جي اڳيان رکي هئي. مدد علي پيتل هو ۽ مارل کي ڏسي رهيو هو جنهن جي اڳيان بہ اڌ گلاس اسڪاچ جو رکيو هو. مدد علي مارل کي ڏسي چيو "مومل کي مجاز جا، اکين ۾ انبور" پوءِ هن کي چيائين، "مارل! توکي خبر آهي تہ پٽائيءَ کان پوءِ اياز سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. ڪٿي ڪٿي تہ....." پوءِ باقي جملو ڳهي ويو. "مون هن جي باري ۾ پڙهيو تہ آهي، پر مون وٽ هن جو ڪوئي ڪتاب نہ آهي، جو مان هن جو ڪلام ڳائي سگهان." مارل چيو "مان توکي هن جو سڄو سيٽ ڏيان." پوءِ گلاس ۾ وسڪي وجهي پاڻيءَ جو جڳ گهرائي مون کي ڏنائين. مارل پهريون تہ مومل راڻي مان بيت پڙهيو:

گجر گهٽا گهائيا، پاٽان لڳس گهاءُ،
ميندڙي مَلاءُ، لڳس ڪانُ ڪپار ۾.

هوءَ مون کي ڏسي رهي هئي. مون اکيون جهڪائي ڇڏيون.
پوءِ هُن ٻيو بيت ڳايو:

"نہ ڪا جهل نہ پل، سڀ ڪو پسي پرينءَ کي."

پوءِ هيءَ وائي ڳاتائين:

"ڏور وڃيو ڏينهن لائي، سرتيون ڪا سوڊل کي سمجهائي.
جيڏيون منهنجي راڻل کي ڪا ٻاجهہ پئي!"

مون گلاس مان هڪ ڍُڪ پيري گلاس پري ڪري رکيو.
مدد عليءَ چيو تہ ،"جي اهاوسڪي نہ وڻئي تہ مون وٽ بلئڪ ليبل بہ آهي." مون هن کي چيو تہ ،"اڄ طبيعت ٺيڪ نہ آهي، اڄ مان نہ پيئندس."
مون کي اهي سٽون اجا ڪنن ۾ ٻري رهيون آهن.

سوڊا سِر پڙ گهوريان، آءُ ڪرهو ورائي!
جيڏيون، منهنجي راڻل کي ڪا ٻاجهہ پئي!

يا خدا! يا خدا! مون منهن تي هٿ رکيا ۽ اوچتو اٿي ڪڙو ٿيس ۽ مدد عليءَ کي چيم تہ هو ڊرائيور کي چئي تہ مون کي گهر پهچائي اچي. منهنجي

طبيعت خراب ٿي ٿئي.

پوءِ منهنجي دوست مرحوم ڊاڪٽر احسان ٻڏايو هو تہ هن مدد عليءَ کي ٽيسٽووٿران جون سُيون هنيون هيون ۽ هاڻي هو نارمل آهي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ زليخا يوسفيءَ سان مدد عليءَ شادي ڪئي ۽ نڪاح نامي ۾ هن جو اهو نالو لکارايائين. مان هن جي شاديءَ تي نہ ويو هوس، رڳو هڪ ڪُڪُو ڪلاڪ (Cuckoo Clock) هن کي تحفي طور موڪليو هوم ۽ چوائي موڪليو هيومانس تہ "منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ آهي."

پوءِ ٽرانسفر ٿي ويو ۽ سنڌ جي بهترين ڳائڻي بہ پاڻ سان کڻي ويو. مان ٽرانسفر وقت مدد ۽ مارل کي روهڙيءَ ريلوي اسٽيشن تي ڇڏڻ ويو هوس. هُو ايئرڪنڊيشن گاڏيءَ ۾ اڪيلا هئا. منهنجون اکيون پرجي آيون هيون، تڏهن مارل منهنجو منهن هٿن ۾ جهلي، منهنجيون اکيون چميون هيون ۽ چيو هيائين تہ ،"هاڻي تون موٽ ۾ مون کان گهري چمي وٺي ٿو سگهين." مون مدد ڏانهن ڏٺو تہ هو دريءَ مان ٻاهر سيخ ڪباب ڏسڻ لڳو جي آگرن تي پچي رهيون هيون. ايتري ۾ ريل سيٽي هنئين. ان وقت مون کي الائي ڇو اهو خيال آيو تہ:"موت بہ هڪڙن کي ريل گاڏيءَ تي کڻي وڃي ٿو ٻيا پليٽ فارم تي بيٺا آهن ۽ ويندڙن کي الوداع ڪن ٿا." مون کي ڏاڍي بک لڳي هئي، ويٽنگ روم ۾ وڃي مون پهريون تہ بيئر جون ٻہ بوتلون پيتيون ۽ تريل مڇي ۽ ڪڪڙ گهرائي ڊِوَ تي ڪاڏم. مون سوچيو تہ :"ريل گاڏيءَ تي هر ڪنهن کي ويٺو آهي، پر هيءَ ويٽنگ روم، هي سفيد لباس ۾ بيرا، هي لنچ، ڪافي، پليٽ فارم تي هجوم، گهر ۾ ننڊ، ننڊ مان اٿي ناشتو ڪرڻ، مان جلدي ڇڏڻ نہ ٿو چاهيان. هيءَ زندگي ٻيهر نہ ملندي (انور فگار هڪڙي جي اطلاع لاءِ مون مصلحتاً نالن ۾ ڦير گهير ڪئي آهي. هو انهن تي اجائي ريسرچ نہ ڪري!)

هاڻي جڏهن انسان ذات جون بي مروتون ۽ بي وفايون ڏسي، دل پٿر ٿي چڪي آهي، تڏهن اهو آواز اجا پٿر تي ليڪ وانگر آهي. چنڊ جا سپنا ٽاڪئان ٽيندا آهن. وقت منهنجيءَ جهوليءَ ۾ ڇاڇا نہ ڦٽي ڪيو آهي! ساروٽيون اشرفين وانگر جرڪن ٽيون! ماضيءَ جي بهشت جو دروازو ڪليل آهي ۽ دربان کي هدايت آهي تہ مان جنهن وقت بہ چاهيان طوبيٰ مان گل چني ٿو سگهان!

"ڪوي سوپ ٽڏو ٿي ويو آهي مان گوشت سلاد، ليمون ۽ روٽي کڻي

آيو آهيان! تون تہي ڏٿي الائي ڪٿي پهچي وئين؟“ سرگيءَ پڇيو ”توبہ عشق ڪيا آهن ڇا؟“

”ڏاڍا! مان تہ مٿي کان پيرن تائين عشق آهيان.“ مون جواب ڏنو. ”تو مون کي سنڌ مان موٽائي آندو.“ مون هن کي وڏيڪ چيو تہ”ڪائونٽر واري کي چوءِ تہ روسيءَ ۾ ڪو منڙو آواز هلائي.“ سرگيءَ جي چوڻ تي هن هڪ ڪئسيٽ هلايو. آواز ايڏو منو هو جو من مچيءَ وانگر هيرا هيرا ٽيڻ لڳو. مون سرگيءَ کان پڇيو تہ. ”پهرين سٽ جي معنيٰ ڇا آهي.“

هن جواب ڏنو”اِن جي معنيٰ؟ اِن جي معنيٰ آهي: ”فقط عشق ئي موت جي شڪست آهي.“

”خوب!“کين ويندو ڏسي مون جواب ڏنو. ٽڏو ساهہ پري پٿائيءَ جو هڪ بيت ياد آيو:

ڏٿي ڏينهن ٽيام، ڪُہ جاٽان ڪيڏانهن ويا!
ولين جٺن وريام، ڳالهيون ڳڻ پرين جا.

ڪنهن چيو آهي تہ ”لحد عمدي خانگي جاءِ آهي، پر ان ۾ ڪنهن سان هم آغوشي ناممڪن آهي.“

عشق سوچي سمجهي نہ ڪبو آهي، پر جيڪڏهن ڪوئي ڪنهن سان ان ڪري عشق ٿو ڪري، ڇاڪاڻ جو مُرڪڻ وقت هن کي ڳٽي ۾ کڏ پوي ٿي تہ اهو ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڳٽ ڳچيءَ ۾ ٿو وجهي. منهنجي دوست مدد عليءَ بہ مارل سان هن جي سُريلي آواز جي ڪري شادي ڪئي هئي.

سرگيءَ چيو تہ.”ڪئسيٽ جي وڏيڪ معنيٰ ٻڌايانءِ؟“
مون هائوڪار ڪئي تہ هن چيو.”ٻين ٻن سٽن جي معنيٰ آهي:
”مون فقط هن کي هڪ ڀيرو ويندو ڏٺو هو
پر پنهنجي موت تائين هن سان محبت ڪندو رهندس.“
”خوب هئہ؟“ سرگيءَ هندوستانيءَ ۾ چيو.

مان ماني کائڻ ۾ رجهي ويس تہ ٻوڙ نري بي سواد نہ ٿي وڃي. مون سوچيو تہ ”ڪنهن جي غيرموجودگي ۽ موت ساڳي ڳالهہ آهي ۽ هر جواني موت وانگر آهي. مون اکيون رومال سان اگهيون.“

آلو (Olive) ۽ اسٽيڪ ڪافي مزيدار هئا. اُهي ڪائي مٿان گرم ڪافي پيتي. ڪئفي ۾ ڪُرسيون ڪونہ هيون ۽ ميزن تي ڪاڏو رکي بُفي وانگر ڪاڌوسين. سرگيءَ نڪرڻ وقت ويٽر کي الوداع (تس وِ دانيا) ڪري چيو تہ وري ملنداسين. ويٽر جواب ۾ خوش اخلاقيءَ سان چيو خروشي، (بلي بلي) اتان اٿي اسان هڪ باغ ۾ وياسين، جتي ٻارڙا کيڏي رهيا هئا.سج ڳاڙهي گانءِ وانگر ڏيئي رهيو هو ۽ ان جا ڪِرڻا سنسار تي گوهن وانگر وسي رهيا هئا. ٿوريءَ دير ۾ سانجهي هڪ گرڙپک وانگر لٿي ۽ مون ۾ اننت لاءِ ايرڪا کي ساڳيءَ ريت اُڀاريائين، جيئن ڄامشوري ۾ اُڀاريندي هُئي. اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جو سانجهيءَ جو لهندڙ سج من ۾ بي چيني ۽ ”ڪونِ گلي گيو شيام“ واري ڪيفيت پيدا ٿو ڪري ۽ سنساري ناتا ٽٽي پون ٿا. انسان پاڻ کي بيڪران تنهائيءَ ۾ پائي ٿو. رات جي اوندهہ شايد تحت الشعور ۾ موت ۽ اُن جي ابدي خاموشيءَ جي ياد اُڀاري ٿي. هن وقت مون کي انگريزي شاعره ڪرسٽينا روزيٽيءَ جا لفظ ڪنن ۾ ٻُرن ٿا، جي هن پنهنجي ڪتبي تي لکايا هئا:

”مون کي ياد ڪجو جڏهن مان دور هلي،
وڃان، سدائين دور ڪنهن خاموش دنيا ۾.“

لينن گراڊ ۾ هوٽل تي دير سان نوين بجي موٽياسين. بانو قدسيہ بور ٿي رهي هئي. سرگي مٿينءَ منزل تي اسان لاءِ جايون اڳيئي رِزَرو ڪرايون هيون. پاپ ميوزڪ هلي رهيو هو جوڙا نچي رهيا هئا. هڪ ٻئي کي ڇاتيءَ سان لائي رهيا هئا. ڌن تي منهنجا پير هلڻ لڳا هئا. بانو قدسيہ ساڳيو ڪاڏو گهرايو. اسان جارجين شراب، سوپ، روٽي اسٽيڪ ۽ ڪافي گهرائي، پرسان هڪ آمريڪن جوڙو نچي رهيو هو. اسان سان پر واريءَ ميز تي هڪ يوگو سلووين جوڙو وينو هو جنهن سان گڏ عورت مارشل ٽيٽوءَ جي زال وانگر ڀاري پرڪم ۽ قدآور هئي. آمريڪي قد جو بندرو هو ۽ هو ڇاتيءَ جو موڪرو هو ۽ هن کي چيهي جهڙو ڳاڙهو هيڊڙو رنگ هو. هو نشي ۾ آلوٽ ٿي لڳا، ڪجهہ ناچ ڪري هو موٽي ڪُرسين تي اچي وينا. آمريڪن مرد جي زال/ سُريت ڏٽي مٿي سٽروٽر ۽ ڪَرڙوڊ ٿي لڳي. بي ڪشش مُرڪ مُرڪي، جڏهن آمريڪي مرد. يوگوسلووين عورت کي ڪٽي ناچ ڪيو ۽ چپن سان

هن جي ڳڇيءَ تي چميون ڏنائين، ڇوتہ هوءَ هن کان ڪافي ڊگهي هئي ۽ ڪڙين تي بيهي بہ هن جا چپ يوگوسلووين عورت جي ڇپن تائين نہ ٿي پهتا. پوءِ هو نچندي ڪيس ديوار جي پٺيان ڪٺي ويو. جڏهن ناچ پورو ٿيو تڏهن هو عورت جي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي موٽي آيو پر هن جا هٿ گيسرندي عورت جي ٽڙن تائين پهتا. جي ڊانگرين مڇين وانگرٽي لڳا. ان تي عورت ٺهڪ ڏئي پنهنجي يوگوسلووين مرد جي پرسان اچي ويٺي. آمريڪي مرد جڏهن موٽي اچي جوءِ جي پرسان ويٺو تڏهن هن جي جوءِ منهن ۾ گهنڊ وڌو. ڪاوڙ ۾ هن جي منهن مان رت ٽمي رهي هئي. پوءِ هن زال جي گلاس مان اڌ پيتل شئمپين ڳيت سان پيتو ۽ هن کي ٻانهن کان ڇڪيائين ۽ هن کي منهن ۽ ڳچيءَ تي چميون ڏنائين. اها ڳالهہ مغربي تهذيب ۾ عيب نہ سمجهي ويندي آهي، پر هن جي زال غصي سبب ڪيس ڌڪاري ڇڏيو.

يوگوسلووين سان هڪ تہ مارشل ٽيٽو جي زال جهڙي عورت ويٺي هئي ۽ ٻي ڪرسيءَ تي هڪ ناهوڪي، پورڙي ڇوڪري ويٺي هئي، جنهن کي ڪاڏيءَ وٽ سنهو خوبصورت تِرُ هو جنهن تي حافظ سمرقند ۽ بخارا گهوري ڇڏي ها، پر هن دؤر ۾ هو ائين ڪري ها تہ روسي حڪومت هن کي ڪي.جي.بيءَ جي حوالي ڪري ها.

هڪ سنهين مُڇن وارو سڊول پول آيو ۽ يوگوسلووين ڇوڪريءَ کي ناچ جي دعوت ڏنائين. هوءَ اٿي تہ يوگوسلووين هن کي ٻانهن کان ڇڪيو. يوگوسلووين وچينءَ وهيءَ جوخوبرو شخص هو پر ڇوڪري مرڪي ناچ لاءِ پول جي ٻانهن ۾ هلي وئي. پول ڏاڍو پيتل هو پر خوب نچي رهيو هو. ايتري ۾ هڪ ڪرڙوڊ يوگوسلووين ڪرڙوڊ ساٿياڻيءَ کي وٺي اٿيو ۽ ٻئي نچندا يوگوسلووين ڇوڪريءَ وٽ پهتا ۽ هن جي ٻانهن کي سٽ ڏئي اشارو ڪيائون تہ هوءَ پٺ تي موٽي وڃي، پر هوءَ نچندي رهي.

پول هن کي ڏاڍا ياڪر پاتا ۽ ڪيس سندس ميز تي ڇڏي ويو. مون کي ساري ڳالهہ تهذيب جي خلاف لڳي، پر جڏهن مون ان بيهودگيءَ جي باري ۾ سرگيءَ کان پڇيو تہ سرگيءَ جواب ڏنو ،"پول يهودي آهي ۽ ڇوڪري مسيحي آهي. مون کي اهو ڏسي حيرت آئي تہ هن دهرئي ملڪ ۾ بہ يهوديءَ ۽ مسيحيءَ ۾ صدين کان نفرت هلندي پئي اچي. يهودين جي قتل عام بابت بابائي يار (Babaiyir) ناول مون پوءِ پڙهيو هو ۽ ساڳئي موضوع تي شاعر

ايوتو شينڪو جو نظم بہ پوءِ پڙهيم. جنهن يهودين جي قتلِ ناحق لاءِ حقارت ڏيکاري هئي. آمريڪن يوگوسلووين سان وري نچيو ۽ زوريءَ زال کي چمر چٽ ڪيائين، پر هن ڪرِيپ سان منهن ڦيرائي ڇڏيو.

ان کان پوءِ ڊائريءَ جا پنا گم آهن.

هڪ ٻيو بہ نوٽ بڪ مليو آهي، جنهن جا اڳيان پنا ڦاٽل آهن. اهي شايد دوستو وسڪيءَ جي ميوزم جي باري ۾ لکيل هئا. ڦاٽل پني کان ان ۾ اڳتي لکيل آهي تہ آرٽ جون تصويرون ٻئي سيڪشن ۾ آهن، جي سوشلسٽ ۽ يوٽوپين وغيره آهن. هن جي جيل ۾ وڃڻ جي باري ۾ ڪجهہ مواد بہ آهي. هڪ فوٽو هن جي پهرين زال مَريئا جو آهي، ڪنهن تماشبين چيو تہ هوءَ لينن گراڊ جي برف جهڙي سفيد رنگ جي هئي. دوستو وسڪي 1859ع ۾ يورپين رشيا مان موٽي آيو هو ۽ 1867ع ۾ ٻي شادي ڪئي هيائين.

(مان پانيان ٿو تہ رات جو سمهڻ کان اڳ ڊائري لکي ٿڪجي پيو هوس. ان ڪري نوٽ ڏاڍا مختصر آهن.) دوستو وسڪي جڏهن جيل ۾ هو تڏهن اتي نڪتل هن جون تي تصويرون آهن. تصويرن ۾ هو ڏاڙهيءَ سان آهي. مون اهو جيل ڏٺو هو جنهن ۾ ننڍا ڪڏين جيترا ڪمرا آهن، جن ۾ ماڻهو مشڪل سان پير ڊگهيڙي سمهي ٿو سگهي. (مون کي 1965ع ۾ پنهنجي نظربندي ياد آئي، جڏهن مون سوڏا ستر ماڻهو هڪ وارڊ ۾ رکيا هيائون ۽ اسان هڪ ٻئي جي مٿان ٽنگون ڊگهيڙي ستا پيا هوندا هئاسون. مان اڪيلو پاڪستاني هوس ۽ ٻيا سڀ هندوستاني هئا.) اتي لينن جو پاءَ بہ قيد هو. هڪ خاني ۾ هڪ پراڻي پير گڙي رکيل هئي، جا هن کي جيل ۾ پٽي هئي ۽ ان سان لوهہ جو ڪٽيل وٽو رکيل هو. جنهن ۾ هو ماني کائيندو هو ۽ پاڻي پيئندو هو. اهو پير ڪاڏي ويو جو پير گڙي ۾ گهلبو ويندو هو؟ اُهي سوڙهيءَ پير ڪڙيءَ جا ٽيل ڦٽ ڪيڏانهن ويا، جي چور پور تي سوراتجي هن جي ننڊ ڦٽائيندا هئا؟ اهي چپ ڪيڏانهن ويا، جي لوهہ جي وٽي مان پاڻي پيئندا هئا؟ ڦٽ ڪجهہ وقت ٽا هلن، ڪٽ ڪافي وقت هلي ٿي، غور سان ڏسجي تہ سارو رنج و راحت خواب و خيال آهي! مٿان جيل جي پِٽ تي هن ۽ ٻين قيدين جون تصويرون ٽنگيل هيون، جڻ پٽين کي چيڙائي ڇٽي رهيون هيون، اسان اوهان کان وڌيڪ پائيدار آهيون!

انسان کي اهي حالتون ڏسي ايترو غصو ٿي آيو جو هن هر ظالم کي

تهس نهس ڪرڻ ٿي چاهيو. انتقام جي آگ ۾ جڏهن مظلوم ويڙهجي وڃي ٿو تڏهن هو ظالم کان بہ وڌيڪ ظالم ثابت ٿئي ٿو. هن ۾ رحم، انسانيت، خوف خدا سڀ ختم ٿي وڃي ٿو. جيڪو مظلوم پاڻ انتقام نہ ٿو وٺي سگهي، ان جي پاران قدرت انتقام وٺي ٿي. قدرت وٽ دير آهي، انڌير نہ آهي. مون گواليار جي قلعي ۾ اهو پڃري جهڙو لوهائون قيد خانو ڏٺو هو جتي اورنگزيب پنهنجي ڀاءُ مراد کي قيد ڪيو هو. نہ رڳو اورنگزيب پاڻ چڙي چيڪي مري ويو پر مغل سلطنت ئي تالان والان ٿي وئي. اڪثر اوقات موت مظلوم لاءِ جاءِ پناهہ آهي ۽ ظالم لاءِ ڪوس گهر آهي. مڪافاتِ عمل کان ڪوبہ بچي نہ ٿو سگهي. ڪٿي آهي اورنگزيب، جنهن مراد کي آفيم کارائي کارائي مارايو هو. ڪو ڪيئن فنا ٿئي ٿو ڪوڪيئن فنا ٿئي ٿو! انهيءَ ڪري خدا کي قهار ۽ جبار بہ ڪوٺيو ويو آهي.

هو جڏهن پنهنجي قهر تي اچي ٿو تہ سنگِ لحد جي سِر سِر سان نہ ٿي ملي ۽ معتبرن جون گردنون ٿي پون ٽيون. ماٺوءَ کي ايستائين اقتدار آڦري ٿو ڏئي، جيستائين هُن جو پيٽ ڦاٽي ٿو. منهنجي هر ڪنهن کي صلاح هوندي آهي تہ انتقام جي جوش ۾ ماڻهو پاڻ جابر نہ ٿئي ۽ اُهو ظلم نہ ڪري، جو هن تي ڪيو ويو آهي.

دوستووسڪيءَ جا لکيل خط بہ اُن ڪمري ۾ موجود هيا. هن جيڪي ڪتاب پڙهيا هيا، اُهي بہ چندي ڦوڪي رکيا ويا ها. اُتي اُهي تصويرون بہ موجود هيون، جن کي ڏسي، هن پنهنجن ناولن ۾ ڪردار نگاري ڪئي هئي. هاڻي جڻ اُهي شيون دوستووسڪيءَ کي ڳولي رهيون هيون! هن جي عينڪ، هن جون اکيون ڳولي رهي هئي! هن ڪيڏا نہ عظيم ناول لکيا هئا. هن جا "ڪارمازاف پائر"، "آسيب زده پُوڪ" ۽ "جرم ۽ سزا" بي مثال ناول آهن.

هڪ ڀيري مان اسلام آباد ايئرپورٽ تي وي.آءِ.پي لائونج ۾ ويس تہ جنرل ضياءَ جو لا منسٽر مرحوم اي.ڪي بروهي ۽ هن جي رفيقهءِ حيات اڳيئي اُتي ويٺا هئا. مائي اڳيئي منهنجي واقف هئي، سو بروهيءَ چيو تہ اڳتي اچي ويهہ تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون. هو مون سان پنهنجي مطالعي يا دانشوريءَ جي ڳالهہ ٻهرين ڪندو هو خير وعافيت پوءِ پڇندو هو. هن چيو "اياز! مون دوستووسڪيءَ جو ناول "آسيب زده" (Possessed) ساري رات پڙهيو آهي. چا تہ ناول آهي! هڪ انقلابيءَ جي هن ڪهڙي نہ چڱي ڪردار

نگاري ڪئي آهي! مان چاهيان ٿو تہ جنرل ضياءَ کي اهو ناول پڙهڻ لاءِ ڏيان. تخريبي ماڻهو ڪهڙا نہ نفرت خيز ٿين ٿا!" مون هُن کي جواب ڏنو تہ "سائين! جي اوهان اها گستاخي نہ سمجهو تہ مان اوهان کي ٻڌايان تہ مون اهو ناول ٻہ پيرا پڙهيو آهي. پهريون پيرو ڪراچيءَ ۾ پڙهيو هيم، جڏهن بي.اي ۾ پڙهندو هوس ۽ ٻيو پيرو سکر ۾ پڙهيو هيم، جڏهن اوهان سعيد محمد شاهہ جي ڪيس ۾ آيا هئا. مون دوستووسڪيءَ جا سڀ ناول پڙهيا آهن. منهنجي اوهان کي اها گذارش آهي تہ اوهان هن جو ناول "جرم ۽ سزا" (Crime and punishment) پڙهي ڏسندؤ تہ اوهان ڪان وڪالت وسري ويندي."

ان تي هن چيو تہ، "جي تون دوستووسڪيءَ کان متاثر هئين تہ تو سن ۾ اها تخريب پسند آپيرا دودي جو موت، ڪيئن پڙهي هئي؟" مون جواب ڏنو تہ، "سائين! جي اوهان ٻيهر پڙهي ڏسندؤ تہ اها اوهان کي آرٽ جو شاهڪار نظر ايندي. ڪابي ڏر طرف لاڙي جي باوجود مون ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت حاصل نہ ڪئي آهي. مان هر آمرانہ قوت جو مخالف آهيان، پوءِ اُها پرولتاري هجي يا ڪنهن شخص جي ذات تائين محدود هجي! منهنجي نظر ۾ استالن ۽ ايوب خان ۾ ڪوئي فرق نہ هو!"

"پر آمر سڀ تہ بُرا ماڻهو نہ هوندا آهن." بروهيءَ چيو.

"سائين ان جي ڪهڙي خاطري آهي تہ ڪنهن آمر جي موت کان پوءِ انهيءَ چڱي آمر جي جاءِ تي ڪوئي بُرو ماڻهو نہ ايندو!"

مان بروهي صاحب کي چوان ها تہ بروهي منهنجي نوڪري بچائي سگهي ها، پر دل ۾ اهو چيو تہ، "پنهنجا عُهدا ازل ۾ آهن." هن کي اها گذارش نہ ڪئي، نہ تہ پوئين پيري مون سان ڏاڍو ريڏل هو. اسلام آباد ۾ فلاسافيڪل ڪانگريس جي ڀٽائي ڊي (Bhitai Day) تي مون صدارت تي ڪئي تہ بروهي صاحب مهمانِ خاص هو. هن کي منهنجو اردوءَ ۾ صدارتي خطبو ايترو تہ وڻيو جو پنهنجو انگريزيءَ ۾ لکيل خطبو مون کي ڏئي چيائين، "اياز! هن جو اردو ۾ ترجمو ڪري، پنهنجي خطبي سان گڏ سنڌالاجيءَ مان ڇپائجانءِ!" مون ايئن ڪيو پر جڏهن هن کي ڇپيل ڪتاب ڏيڻ ويس، تڏهن جنرل ضياءَ منهنجي نوڪري ختم ڪري ڇڏي هئي. جڏهن ريڊيو تي اها ڳالهہ نشر ٿي تڏهن مون شاهہ عنايت جو پويون شعر پڙهيو:

”رهائيدي مرا از قيدِ هستي
جزاڪ الله في الدارين خيرا“
(مون کي هستيءَ جي قيد مان رها ڪيئہ
خدا تنهنجو ٻنهي جهانن ۾ خير ڪري)

هن جهان ۾ تہ هن من مانيون ماٽيون ۽ ٻي جهان لاءِ هُن کي فيصل مسجد اسلام آباد ۾ جاءِ ملي!

دل ۾ اچي ٿو تہ هن گنبذِ نيلوفريءَ کي ٺهڪ سان اُڏائي ڇڏيان. انسان سوچي ڇا ٿو، ٿئي ڇا ٿو! فنا! فنا! هر چيز کي فنا سواءِ عشق جي. اهو هيو ڪبير ڀڳت، بلهي شاهہ، باهو ۽ ڀٽائيءَ جو فلسفو. منهنجي مٿي بہ عشق سان ڳوهي وئي هئي ۽ اُن مان ڪيئي مجسما ناهيا ويا ها، جي وقت پيچي پوري ڇڏيا آهن. مان پنهنجي ٻين محبتن تي پوءِ ٿو اچان، پهرين لينن گراڊ جي ڊائري اُتاري ونان. ڪائي ڪائي يادگيري ايئن گهلي ٿي وڃي، جيئن لاٽ پوڻ وقت سنڌ واهہ جو وهڪرو لوڙهي ويندو هو. اسلام آباد جو نالو آيو تہ مون کي هوءَ ياد آئي، جنهن سان مون راول ڍنڍ تي ڪشتيءَ ۾ رنگين شامون گذاريون هيون. هوءَ، جا خدا منهنجي ڪشڪول ۾ سوني اشرفيءَ وانگر اُڇلي هئي ۽ جا مارُل جو ٻيو روپ هئي، پر اُن جو ذڪر بہ پوءِ ڪندس.

في الحال دوستووسڪي عجائب گهر ۾ موٽي ٿو هلان. وقت سُرخي گهوڙيءَ وانگر ٿو لڳي، جڏهن اُن جون واڳون روڪڻ چاهيان ٿو آسانيءَ سان روڪي ۽ ورائي ٿو سگهان.

جن ڪمرن ۾ دوستووسڪي رهندو هو اُن ۾ فرنيچر ۽ آسائش جو سامان هو جنهن مان هن جي زندگيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪمري ۾ جتي ڪٿي ڪاٺ جو فرش آهي، جو روز پالش ڪيو ويندو آهي. هن جي زال استينو گرافر هئي. اڳئين زماني جون تيل بتيون، شمع دان، الماريون، ڪِراڪري، ميز پوش، ميڻ بتيون، گهڙيال، ڪِليون، ڇٽين ۽ لَڪڻَ لاءِ استئنڊ، پيتيون، جهار ڪُرسيون، ميزون، ٽپايون، پردا ۽ گلدان ها، جي روز اُگهي صاف ڪري رکندا هئا. روسيءَ ۾ صندوق کي صندوق چوندا آهن. ممڪن آهي تہ اهو لفظ سنڌ ورڪين سنڌيءَ ۾ شامل ڪيو هجي! جپانيءَ، روسيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ فلمايل دوستووسڪيءَ جي ناولن تان ورتل فوٽو گراف

۽ دنيا جي جدا جدا ٻولين ۾ دوستووسڪيءَ جا ٿيل ترجما موجود هيا. مصورن ڪيئي تصويرون ڪڍيون. هن جي دؤر جي عڪاسي ڪئي هئي ۽ هن جي ناولن ۾ آندل ڪردارن جي تصور مان مصوري ڪئي وئي آهي.

شام جو لينا ٻڌايو تہ پيٽر کي ائڪروفوبيا (Acrophobia) جي بيماري هُئي، جنهن ۾ وڏين جاين کي ڏسي ڀانواٽي ايندي آهي. انڪري اِن سَمَر پئليس ۾ ننڍو گهر ۽ باغ ٺهرايو. باغ ۾ جتي ڪٿي سنگ مرمر ۽ سنگ اَسَود جا مجسما هُئا. مينهن جي ڪري اسان بوٽن مٿان رٻڙ جا جوتا پاتا هئا. جي محل ۾ موجود هُئا. هڪ روسي چوڪري محل جي تاريخ ٻڌائي رهي هئي ۽ ٻئي ڪمري ۾ پيٽر جي تصوير هئي. هو ڪوتاهہ قد هيو ۽ هن کي گهنڊيدار ڪارا وار هيا.

ٿوريءَ دير کان پوءِ بارش بيهجي وئي ۽ سج بدن ۾ اَڪيو پنڪچر (Acupuncture) ڪري رهيو هو.

پيٽر جي باغ ۾ هڪ مجسمو هيو جنهن ۾ پيٽر جو ڪبوتر ڪنهن حسين عورت جي ڪاري ڀنڊيءَ ۾ ٺونگو هڻي رهيو هو. سمر پئليس ۾ پُڇا ڪري گائيڊ اسان کي ٻڌايو تہ هڪ ڪئفي ويجهو آهي. وري مينهن پوڻ لڳو. غالباً بانو قدسيہ بيمار هئي. هوءَ هوٽل ڏانهن موٽي وئي. مون کي برساتي پئي هئي، جنهن ۾ منهنجو ڪنڌ ۽ وار ڍڪيل ها ۽ سرگيءَ کي هٿ ۾ ڇٽي هئي. هزارين مرد ۽ عورتون وڃي رهيا ها. ہ ميل پنڌ ڪيوسين تہ وچ تي پل آئي، جنهن تي سنگِ اَسود جا چار گهوڙي سوار هئا. پهرين مجسمي ۾ گهوڙي ڳر تي ڪنيا تہ سوار هُن کي روڪي رهيو هو ٻي ۾ گهوڙي هوا ۾ نرا تي اُڀا ڪيا، ٽين ۾ سُوار هن تي ڪجهہ قبضو ڪيو هو ۽ چوٿين ۾ گهوڙي نَرا ڪجهہ هيٺ ڪيا ها. پر گهوڙو ۽ سوار ٻئي آسمان ڏانهن تڪي رهيا ها ۽ هنن جي اکين ۾ هڪ هيبت خيز ڪيفيت هئي، جنهن جو ذڪر آندري بيلي پنهنجي ناول سينٽ پيٽرسبرگ ۾ ڪيو آهي. ايئن ٿي لڳو تہ آسمان اُن حالتن تي لڙڪ لاڙي رهيو آهي، جو هو مستقبل ۾ڏسي رهيا ها.

سمر پئليس ۾ پيٽر جون ڪيتريون يادگارشيون رکيون هيون. (نوٽ: بڪ جا ڪجهہ صفحا اُبتا سبتا لکيل آهن ۽ پڙهڻ ۾ نٿا اچن.) مون کي سرگيءَ ٻڌايو تہ هتي ديوليون ميوزمن ۾ بدلايون ويون آهن يا ورڪرن جي ڪم اچي سگهن ٿيون. اسٽالن موچيءَ جو پٽ هو. هن جو وس پڄي ها تہ

۽ ـوع جي حوارين جي ڪلن مان بوٽ سبرائي ها. هي تہ ڪُروسچوف ڪجھ ڦيرو آندو. اسان ڪراسنڪي ڪئيٿڊرل ۾ وياسين، جتي مجسما ۽ دلڪش ٽنيا هيا. جڳھ تي پارڪ، جهولٽا، لڏندڙ بينچون ۽ وڏا باغ هيا، جي بادشاهن ۽ اميرن ٺهرايا هئا ۽ هاڻي اُهي عوام جي حوالي آهن. ٻارن جي تفريح جو سامان ۽ چيڪلن ۾ ڦرندڙ مشينون بہ هيون. هڪڙي پاسي ٻتڻ جي دٻاءَ تي فرش گرم پاڻيءَ سان ڌوبي تي ويو ۽ ٻي پاسي ٻتڻ دٻائڻ سان ليمونيڊ جهڙو پاڻي تي نڪري آيو. ڊپارٽمينٽل اسٽورن جي باري ۾ مون غالباً اڳيئي لکيو آهي.

هيءَ دنيا جا لينن رتوچاڻ ڪري ٺاهي هئي، ايترو ويل بہ نہ هُئي. انسان جون اڪثر ضرورتون مهيا ڪيون ويون هيون، پر عام رهواسين کي ايڪسپورٽ ڪُوالٽي شين وٺڻ لاءِ ڊالر ڪونہ هيا.

سَمر پئليس مان نڪري اسان هوٽل تي وياسين. بانو قدسيہ کي بہ ساڻ ڪنيوسين ۽ شام جو وڏي باغ ۾ آياسين، جتي روسي مائرون ٻارن کي هٿ گاڏين ۾ گهلي رهيون هيون ۽ جوڙا هڪ ٻئي کي ڀاڪُر پائي ويٺا ها. بانو قدسيہ سرگيءَ سان ٻي بينچ تي ويهي، هن کان هن جي زندگيءَ جي باري ۾ پڇڻ لڳي. مان ٻيءَ بينچ تي ويهي، ڊائري لکڻ لڳس. مون ڊائري ۾ لکيو "شام جا 10 وڳا آهن. اجا سوجهرڙو آهي ۽ اُها گهڙي، جا اهڙي وقت منهنجي من ۾ جهوني ڦٽ کي اُڪيليندي آهي، جڏهن شام تي شفق ڇانئبي آهي ۽ منهنجي من ۾ جيڪي مسئلا آهن، اُنهن جو تفصيلي ذڪر تہ پوءِ سوچي ڪندس. في الحال ايترو ٿو لکان تہ اُن وقت ڪوئي پڪي قفس جو در کولي شفق جي گهرائين ۾ پنهنجي نجات کي ڳوليندو آهي ۽ اُها نہ پائي قفس ۾ موٽي ايندو آهي."

سامهون پُشڪن جو مجسمو آهي. پُشڪن شاهہ جهڙو نہ، شهنشاهہ جهڙو هو. هر زار جي حالتِ زار تي وئي، پُشڪن اجا گل وگلزار آهي. الائي ڇو اُن وقت مون کي اهو خيال آيو تہ "شاعر لحد ۾ لهي وڃن ٿا ۽ مهد ۾ اُيري اچن ٿا." هر عظيم شاعر پاڻ کان وڏيڪ عظيم شاعر ۾ جنم وٺي ٿو. شاهن کان پوءِ شهنشاهہ پيدا ٿين ٿا. تخت وتاج جا مالڪ مٽي تي وڃن ٿا. قلم ۽ مُس ڪيڙي قلم ڪار کي زندگي جاويد عطا ڪري ٿا ڇڏين.

ڊرائيور جي ڊريس، پترڪار ۽ سرگيءَ جي ڊريسن کان چڱي هئي. سرگيءَ ٻڌايو تہ "هتي ڊرائيور جي پگهار بہ سئو کان ٿي سؤ روبل آهي ۽

انجنيئر جي 120 روبل آهي، ڇوتہ هر ڪو انجنيئر ٿيڻ چاهي ٿو. ڊرائيور جي پگهار ۾ اضافو نہ ٿو ٿئي ۽ انجنيئر جي پگهار ۾ اضافو ٿئي ٿو.“ هتي جيڪڏهن ڪو بند جي تعمير ۾ غبن ڪري تہ اُن لاءِ سزاءِ موت آهي. سنڌ ۾ اهو قانون هجي تہ پنجانوي في صد انجنيئر گوليءَ سان اُڏايا وڃن. سرگيءَ وڌيڪ چيو تہ، ”ناول نويس شولوخوف روس جو امير ترين انسان آهي، ڇوتہ هن جي ڪتابن جون لکين ڪاپيون ڇپجن ٿيون ۽ مصنف جي رائلٽي سٺ في صد آهي.“ اُن وقت تہ اها ڳالهہ مون کي ڏاڍي وڻي، پر پوءِ معلوم ٿيو تہ شولوخوف بہ انقلاب جو هڪ ادبي ڊنڊورچي هيو جيتوڻيڪ ڏاڍو چڱو ڊنڊورچي هيو ۽ اڄا تائين هن جو ناول ”ڊان وهندي رهي“ دلچسپيءَ جو باعث آهي.

روزاني برسات ۾ منهنجن ٻين نثري نظمن سان گڏ هينيون نثري نظم بہ ڇپيو هيو جو موقعي جي مناسبت سان هيٺ ڏيان ٿو:

”آءُ مڃ تہ تون ڪنگال آهين،
تنهنجي فلسفي جي جهولي ڦاٽي چُڪي آهي،
جي تون اُن کي ٿوپا ڏين بہ تہ ڇا، نہ ڏين بہ تہ ڇا؟
ڏس لينن ۽ مائوءَ جا ڪيڏوٽا
پٽ تي پيا آهن،
۽ ڪنهن جي مُنڍي ٽٽي پئي آهي،
۽ ڪنهن کي ٽنگون ڪونہ آهن!
۽ هاڻي تو وٽ ڪائي وَٽ نہ رهي آهي
جنهن کي،
تون پنهنجو ڇَوين
ڏس، سولزي نٽسن
۽ فئنگ لزي
توکي ڪيڏيءَ حقارت سان ڏسي رهيا آهن
۽ جڏهن کان
جنرل شيروف
افغانستان مان موٽي آيو آهي،

تڏهن کان هن جي زبان
ديوانگيءَ جي حد تائين،
وچڙي رهي آهي.
آءُ مڃ!
تہ توکي
تاريخ جا
نَوُسرباز،
پنهنجا ۽ پرايا،
ڀئي نڳي ويا،
ڦري پيينگ ڪري ويا!
آءُ مڃ!
تہ تون ڪنگال آهين!

(جنهن وقت هي نظم لکيو ويو هو، تنهن وقت شير محمد مري عرف جنرل شيروف جيئرو هو.) ساڳي اخبار ۾ شاعر جي وابستگيءَ تي لکيو ويو آهي.

”دارا!“ سرمد چيو.
مان تنهنجي سر لاءِ دعا تہ گهري ٿو سگهان،
باقي،
پنهنجي ڪابہ رُباعي
تنهنجي سِر تي
گهورڻ نہ ٿو چاهيان!“
اُها آهي هڪ آرٽسٽ جي همدرديءَ کان وابستگيءَ تائين وٿي!

ساڳئي يا ٻئي ڏينهن تي سرگيءَ اسان کي پُشڪن ميوزم وٺي هليو. 1740ع ۾ اها بلڊنگ ٺهي هئي، جنهن ۾ ڪافي فلئٽس هئا. اُنهن مان هڪ پُشڪن وٽ هو ليننگراڊ ۾ اهڙا اٺ سئو ماڙا آهن، جي سرڪار جي هٿ ۾ آهن ۽ سرڪار ئي انهن جي نگهداشت ڪندي آهي. پبلڪ بہ هڪ گروهہ آهي، جو اُتان جي محلن، جاين ۽ باغن جو خيال رکندو آهي.
بانو قدسيہ سچ کان هٽي ڇانوَ ۾ ويٺي ۽ چيائين تہ، ”ٻنپهرن جو سج تيز

ٿيندو آهي ۽ هن کي مٿي ۾ سور وجهندو آهي.“ مون چيو تہ ”هي آهي بہ تہ ڳاڙهو سچ!“

هتي سون کان نفرت جي باوجود ڪيئي مرد ۽ زالون سونا ڏند پائن ٿا.

گائيڊ ٻڌايو تہ پُشڪن هتي چار سال رهيو ۽ 29.1.1937 تي گذاري ويو. هي گهر هڪ شهزاديءَ جو هو جا ڊسمبرست وولڪونسڪيءَ جي ڀيڻ هئي.

پُشڪن جي فليٽ ۾ پهرئين فلور تي ٻارهن ڪمرا هيا. اُن وقت اُن جو ڪرايو چار هزار تي سئو روبل هيو. هن جي موت کان پوءِ هن جا ٻار اهو فليٽ ڇڏي ويا. ان کان پوءِ ان فليٽ ۾ ڪيئي ڪرائيدار رهيا. پر انقلاب کان پوءِ اُن کي ميوزم بڻايو ويو. اتي مون هڪ مجسمو ڏٺو جنهن ۾ گاڏيءَ ۾ شينهن ٻڌل هوءِ گاڏيءَ ۾ ڪيوپڊ (پيار جو ديوتا) ويٺو هو ۽ گاڏي جي ڦيٿن تي پوئٽ ويٺل هو. عشق جي باري ۾ اهڙو علامتي مجسمو مون ڪٿي نہ ڏٺو هو.

گائيڊ ٻڌايو تہ پشڪن سان گڏ هن جي زال نتاليا هئي. هن جي ساليبہ هن جي مڙس سان گڏ رهندي هئي. پُشڪن جي زال سان هن جي ساليءَ جي مڙس جو رستو تي ويو. هن ڪاري کي مقابلي (Duel) لاءِ للڪاريو. مقابلي ۾ پُشڪن ڦٽجي پيو ۽ کيس پنهنجي فليٽ ۾ آندو ويو جتي هو گذاري ويو. ڪمري ۾ نتاليا جو فوٽو رکيو ويو هو. هوءَ ڏاڍي خوبصورت هئي ۽ هن جي اکين ۾ جڻ ندامت هئي ۽ هوءَ پڇي رهي هئي تہ پُشڪن اوچتو ڪيڏانهن هليو ويو! اتي پُشڪن ۽ هن جي ساليءَ جي مڙس سان مقابلي جا شرط بہ رکيل ها، جن تي ٻنهي جون صحيحون هيون. هنن کي مقابلي ۾ هڪ ٻئي کان 25 ميٽر پري بيهڻو هو ۽ مقابلي لاءِ ويجهو اچي ڏهن ميٽرن تائين فائر ڪرڻو هو. پُشڪن جي ساليءَ جو مڙس ڊانتيس فرانسيسي هيو ۽ روسي فوج ۾ ملازم هيو. انهيءَ فائر ڪيو جو پُشڪن کي لڳو ۽ هو ڪري پيو.

بانو قدسيہ گائيڊ کان پڇيو تہ ”پُشڪن جي موت کان پوءِ نتاليا جو ڇا ٿيو؟“ گائيڊ ٻڌايو تہ ”نتاليا پورا ست سال افسوس جي عالم ۾ هئي، جنهن کان پوءِ هن هڪ جنرل سان شادي ڪئي.“ گهٽي جدائيءَ کان پوءِ محبت کي پائندگي نہ ٿي ٿئي. نورجهان ڪيئن پنهنجي مُڙس شيرافگن جي قتل کان ڪافي سال پوءِ جهانگير سان نهي وئي هئي! ڇهين ڪمري ۾ پُشڪن جو هڪ فوٽو لڳل هو جنهن مان تلخي ۽ مايوسي ٿي بکي. شايد مستقبل ۾ موت جا پاڇاوان هن تي پيا ٿي.

ان کان سواءِ هن جي ڊائري ۾ ٻيا سروسامان پيا هئا، جن جو تفصيل طوالت جي خوف ڪري نہ ٿو ڏيان. مان ڊائريءَ ۾ نوٽ ايتريءَ تيزيءَ سان وٺندو هوس، جو بانو قدسيہ حيران ٿي ويندي هئي ۽ جڏهن لکي پورو ڪندو هيس، تڏهن آڱرين مان ٺڪاءَ ڪيڻدو هوس.

پُشڪن جي لئبريري ننڍي هئي اتي روسي رسالا رکيا هئا، جي پُشڪن ايڊٽ ڪندو هو.

لينن گراڊ ۾ ڪل 500 ميوزم آهن، ان کان پوءِ اسان نيوانديءَ ۾ ارورا ڪروزر تي وياسين، جنهن 1904ع ۾ جپان سان جنگ ۾ حصو ورتو هو ۽ ڪيئي ڀيرا دنيا جي چوڌاري ڦري آيو هو. 1917ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي زبردست تنظيم هئي، ان سال سرڪار ارورا ڪروزر کي گلف آف فن لينڊ ۾ موڪلڻ ٿي چاهيو پر اڪثر خلاصي بالشويڪ هئا ۽ انهن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هاڻي ارورا ڪروزر ميوزم آهي. ميوزم جي ڊائريڪٽر اسان کي ڪروزر جي باري ۾ ڇپيل لٽريچر ڏنو جنهن ۾ لکيل هو تہ خلاصين 15 يا 16 شاٽ فائر ڪيا ۽ ڪروزر تي ريڊيو اسٽيشن هئي، جتان انقلاب جو پيغام ڏنو ويو. هتان ئي توب هلائي وئي، جنهن حملي جو اطلاع ڏنو.

نيوا جي چوڌار ديولين جا سونا گنبذ هئا، جي ڌرتيءَ جي سونن ڏندن وانگر ٿي لڳا.

انهن ۾ ڳاڙهين جهنڊين جي پس منظر ۾ پترڪار اسان جا فوٽو ڪڍيا ۽ بانو قدسيہ ساوَن وڻن جي پس منظر ۾ فوٽو ڪڍايا. هڪ نئون پرڻيل جوڙو نظر آيو جو ڪروزر تي گل وجهي رهيو هو. هتي رسم آهي تہ شاديءَ کان پوءِ پرڻيل جوڙا انقلاب سان واسطو رکندڙ جاين تي گل وجهندا آهن. ڪاش، سنڌ ۾ بہ اهڙي رسم هجي ها! شاديءَ کان پوءِ جوڙا ڀٽائيءَ جي قبر تي گل وجهن ها ۽ دعا گهرن ها. هن جي شاعري هر حملہ آور جي خلاف مضبوط قلعو آهي.

ڪروزر تي سج اُڀري رهيو هو ۽ اتي هڪ فوٽو گراف هو جنهن ۾ هڪ بالشويڪ عورت جهنڊو کڻي بيٺي هئي، جنهن تي نعرو لکيل هو"انقلاب زنده باد" مون محسوس ڪيو تہ روس ۾ عورت کي ڀرپور آزادي آهي ۽ مرد سان برابري ڏني وئي آهي.

لينن گراڊ ۾ هر ڏينهن فقط اٺ ڪلاڪ پورهيو ڪرايو ويندو هو.

چوڌاري لينن جا مجسما هئا ۽ انقلاب جا جهنڊا ڪافي اتساهيندڙ هئا ۽ انسان جي بنيادي چڱائيءَ ۾ اعتبار ڏياريندڙ هيا. هڪ هنڌ وڏو نقشو هيو جتي انقلابي ۽ انقلاب دشمن قوتون آمهون سامهون بيٺيون هيون. فقط ٻڌڻ ڏٻائڻ سان ڪنهن آواز انقلاب جي تاريخ ٻڌائڻ شروع ٿي ڪئي، اتي سماليني هئي، شيشي تي نڪتل انقلابين جون تصويرون هيون.

لينن ۽ چيڪا (پوءِ ڪي. جي.بي) جي چيف زرزينسڪيءَ جا وڏا فوٽو گراف هئا. انقلاب لاءِ ڪيترا نہ ماڻهو مئا، جن جي قربانيءَ ۽ جدوجهد کي اسٽالن جي انا، اقتدار پرستيءَ ۽ ذاتي دشمنيءَ جي ڪري ختم ڪري ڇڏيو هو.

مون کي يوناني فلسفي سائمو نائيڊس جو اسپارٽا جي هڪ سپاهيءَ جي قبر تي لکيل مشهور ڪتبو ياد آيو:

”هتي اوهان جا فرمانبردار ستل آهيون، جي اوهان جي لاءِ ماريا ويا ۽ جن کي اوهان وساري ڇڏيو آهي.“

پوءِ اسان سوچيو تہ ڪيڏانهن هلون؟ بانو قدسيہ چيو تہ نيوانديءَ تي سير ڪريون. موٽر بوٽ ۾ بہ سؤ ماڻهو اچي ٿي ويا. مون بانو قدسيہ کي چيو تہ اڄ تہ مان اڪيلو مٽي وڃي نيوا جو منظر ٿو ڏسان. پوءِ موٽر بوٽ جي بار مان شئمپين جي ٿڌي بوتل ۽ سالمنڊ مڇيءَ جي سئنڊوچ ورتي ۽ بوتل ۽ گلاس کڻي ڇت تي هليو ويس.

ڇت تي ڪافي سيءُ هو. مون شئمپين جو گلاس پي سئنڊوچ کاڌي، منهنجي پرسان ٻہ ڇوڪريون ڇوڪرن جي ڇاتين ۾ تي لڪيون، سرِ راهہ چُمي ۽ هم آغوشي هتي عيب نہ آهي. انساني محبت جو اظهار هتي خوش خلقيءَ سان ڏٺو ٿي ويو. ازبيڪ، ڪوسڪ، روسي ڇوڪريون، ڪنهن وقت ڇوڪرن جي ٻڪڇيءَ ۾ ٻانهون وجهي پنهنجا چپ آڇي رهيون هيون. انهن مان ڪن سان منهنجي گفتگو ٿي، جي انگريزي ڄاڻن پيون. منهجي ڀئي پاسي ٻہ ڇوڪريون ويٺيون هيون. انهن ۾ لاريسا، مڪينيڪل انجنيئر هئي ۽ نينا ورڪر ۽ شاگرد هئي. نينا کي فيڪٽريءَ ۾ ملازمت هئي ۽ 200 روبل ماهانہ پگهار ملندي هئي. هن ڌاتو وديا (Metallargy) ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ٿي چاهي. هن جي عمر 28 سال هئي. لاريسا جي عمر بہ لڳ ڀڳ ساڳي هئي. مون ٻنهي کي ساڳي گلاس ۾ شئمپين آڇيو جو هو پي ويون. نينا مون کي چيو تہ مون کي اڄا سردي ٿي ٿئي. مان تنهنجي ڪوٽ ۾

پنهنجو پاڻ لڪايان. جڏهن مون هائو ڪئي، تڏهن هڪ پالتو ٻليءَ وانگر هوءَ منهنجي اوورڪوٽ ۾ مون سان چاتي ملائي ليٽي پئي. لاريسا ڪي پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ ڪائي جاءِ نہ هئي، ان ڪري ٿوريءَ دير ۾ اسان هيٺ لهي وياسين. مون کين روسي شئمپين جا ٻہ گلاس وٺي ڏنا، جي پيئڻ کان پوءِ نينا خماريل آواز ۾ روسيءَ ۾ ڪجهہ ڳاتو. مون هن کان پڇيو تہ ان گيت جي معنيٰ ڇا آهي؟ هن چيو تہ،"اي مسافر! تون چاهين ٿو تہ مون کي پنهنجي ديس وٺي هلين! توسان منهنجو پيار تہ آهي، پر مان لينن گراڊ کي ڇڏڻ نہ ٿي چاهيان. نيوا منهنجي رڳ رڳ ۾ وهي رهي آهي." مان نوبل پرائيز يافتہ جرمن ناول نويس هرمن هيس جي ڪتاب "اوير ڏانهن سفر" (A Journey to the East) ۾ هڪ خوبصورت گيت پڙهيو هو جو هيٺينءَ ريت آهي:

"جيڪو بہ دور تائين سفر ڪري ٿو
اُهو اُهي شيون ڏسي ٿو
جو جڏهن انهن جي باري ۾
ٻنيءَ ٻاري يا گهر ۾ ڳالهائي ٿو
تڏهن اڪثر اوقات
هن تي دروغ گوئيءَ جو الزام هنيو وڃي ٿو
ڇو تہ هوڏي ماڻهو
ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪندا آهن
جا هنن ڏٺي نہ آهي ۽ چٽيءَ طرح محسوس نہ ڪئي آهي
مان ڀانيان ٿو تہ ناتجربيڪاري
هنن کي منهنجي گيت تي ويساهہ ڪرڻ نہ ڏيندي"

موٽر بوٽ ڪنڌيءَ تي بيهاري اسان کي پيٽرپال ڪئٿيڊرل ڏيکاري وئي. اُتي روس جا سڀ بادشاهہ پوريل هئا. موٽر بوٽ مان هڪ ماڻهو لٿو تہ سرگيءَ چيو ،"يہ اڏيڪاري هئہ." ڪئٿيڊرل جي اندر ڪافي سون هو ۽ نهايت خوبصورت بي بي مريم ۽ يسوع جا مجسما رکيل ها. انهن کان سواءِ چهار سنگ مرمر جا تمام وڏا ٿنڀا ۽ سون جا صليب هئا. چرچ ۾ "گليا" ملي، جا لينن گراڊ جي هر ڇوڪريءَ وانگر خوبصورت هئي. هن ٻڌايو تہ "هوءَ ڪنهن اليڪٽريڪل پلانٽ ۾ ورڪر آهي، گريجوئيٽ آهي، ٻہ ٻار

اتس ۾ هن جو مڙس انجنيئر آهي.“

مون هن کان پڇيو تہ، ”تون واندڪائيءَ ۾ ڇا ڪندي آهين؟“

هن جواب ڏنو ”ٻہ ٻار ئي ڪافي آهن، انهن مان ئي وقت نہ بچندو آهي.“ وري مون هن کان پڇيو ”ڇا هوءَ عبادت ڪندي آهي؟“ هوءَ جواب ڏيندي هٻڪي رهي هئي ۽ چيائين تہ ”تون اهو سوال نہ پڇين تہ چڱو.“ مون هن کي ڏنو تہ هن جو منهن سُوراٿتو ٿي ويو هو ۽ گلو ڏک دائڪ ٿي لڳو. چرچ پرسان جيل خانو هو جنهن جو ذڪر مان اڳيئي ڪري آيو آهيان، جتي دوستو وسڪي ۽ لينن جو ياءُ نظربند ها. بانو قدسيہ اهو ڏسي چيو تہ، ”مان هتان پنجي وڃڻ ٿي چاهيان، پر رستو نظر نہ ٿو اچي.“ اُتان موٽي مون سامان ويڙهي بئگ ۾ رکيو پوءِ هوٽل ۾ ماني کاڌي ۽ ٽرين تي وقت تي پهچي وياسين. گاڏيءَ ۾ مون سرگيءَ کان حال احوال ورتو. سرگي پنج سال آرميءَ ۾ رهيو هو ۽ پنج سال ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر رهيو هو. هُن چيو تہ، ”مان هيءَ دنيا ماڻڻ چاهيان ٿو پر هڪ ڪميني انسان وانگر پيسو هٽ ڪرڻ نہ ٿو چاهيان.“ مون کي ايئن لڳو تہ اهو جملو هن جڻ رٽي ڇڏيو هو ۽ بار بار دهرايو هو. سرگي جيورسٽ (Jurist) هو ۽ قانون جي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ورتي هئائين. هن زال لاءِ ٻڌايو تہ هوءَ سندس دوست سان نِهي وئي هئي ۽ هن ۾ سرگيءَ لاءِ پهريون عشق ٿڌو ٿي ويو هو ۽ هوءَ هُن ڏانهن بي پرواهہ ٿي وئي هئي. سرگي ڪوهہ قاف جو مسلمان هو جيتوڻيڪ هو نِپٽ دهريو هو پر عورتن ڏانهن رويو مسلمانڪو هيس. هن جي زال سرگيءَ کي نہ ٿي ڇڏڻ چاهيو ڇوتہ سرگي وڏيڪ ڪامياب هو پر سرگيءَ هن کي معاف نہ ڪيو هو. هوءَ هاڻي ڪيس ڏکندڙ ڏند وانگر ٿي لڳي، جنهن جي نڪرڻ وقت سورُ تہ ٿيندو آهي، پر پوءِ هميشہ لاءِ آرام اچي ويندو آهي.

9.8.1976 تي لينن گراڊ مان ماسڪو پهتاسين. ماسڪو جي ڊائري شايد سکر ۾ رهجي وئي ۽ ٻين ڪتابن سان گڏ دهشتگردن ساڙي ڇڏي. ماسڪو کان دوشنبي واري ڊائري بہ ان طرح گم ٿي وئي. ان مان ڪجهہ صفحا پنهنجي ڪتاب ”جڳ مڙيوئي سپنو“ (صفحي 178 کان 183 تائين) ڇپيل آهن، جي هتي ورجائڻ نہ ٿو چاهيان. ان سفر ۾ منهنجي گائيڊ ارينا هئي، جنهن فارين لئنگويجز (Foreign Languages) ۾ فرانس ۾ ڪورس ڪيو هو ۽ هن پاسترناڪ جو ڊاڪٽر زواگو ميندالستام جي شاعري ۽

روس ۾ ٻين بندش هيٺ آيل ڪتابن جا ترجما فرينچ ۾ پڙهيا هيا. اُها ٽي ڇوڪري هئي، جنهن جي باري ۾ جپسي عورت لينن گراڊ ريلوي اسٽيشن تي پيش گوئي ڪئي هئي. ارينا منهنجي ماسڪو کان دوشنبي تائين گائيڊ هئي، هڪ پيري سمرقند هوٽل ۾ دعوت هئي، جنهن ۾ ناونوش ۽ شعر وشاعريءَ جو ذڪر مون ”جڳ مڙيوئي سپنو“ ۾ ڪيو آهي.

ٿوريءَ دير ۾ رقص شروع ٿي ويو ۽ ارينا خاطر غزنويءَ سان نچي خاطر رقص ڪري موٽي آيو تہ هن جو رنگ شنگرف جهڙو ڳاڙهو ٿي ويو هو. رات جي ماني کائي هو پنهنجي ڪمري ۾ مٿي هليو ويو ڇوتہ مون هن کي چيو تہ مان ۽ ارينا بار ۾ پيئنداسين ۽ اسان جي خلوت ۾ مخل نہ ٿئي.

ايتري ۾ بار مئن آيو ۽ پڇيائين تہ اوهان ڪٿان ٿا اچو؟ مون جواب ڏنو ”مان سنڌ مان آيو آهيان، جنهن تي هن چيو تہ ”هن جا وڏا بہ چار پيڙهيون اڳي سنڌ مان آيا ها ۽ هو هتي ڄايو آهي ۽ سنڌ ورڪي آهي. مون هن کي چيو تہ ٿڌي شئمپين جا بہ گلاس ڪٽي اچي. هن گلاس ٽيبل تي رکي مون کي هڪ ٻن هل جو پئڪيٽ ڏنو جو جڏهن مون ارينا کي ڏنو تہ هوءَ ٽانگر وانگر ٽڙي پئي. هو تحفو ڏئي اسان جي لاءِ شئمپين جا گلاس ڪٽي آيو. مون شئمپين جلدي جلدي پيتو نہ تہ اهو سِپ سِپ ڪري پيتو ويندو آهي. سنڌ ورڪي ٻڌايو تہ هن جو نالو امرانوف آهي.* مون منهن پڪو ڪري هن کي چيو تہ ”مان ۽ ارينا اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائينداسين.“ هو ڦڪو ٿي ڪائونٽر تي وڃي بيٺو پر ايجا اِرينا کي ائين ڏسي رهيو هو جڻ هو ڪيس ڳڙڪائي ويندو. مون بہ شئمپين جون بولتون خريد ڪري اِرينا کي چيو تہ، ”اُتي، مٿي هلي ڪمري ۾ ٿا پيئون. هي تہ توکي واڳونءَ وانگر ڏسي رهيو آهي.“ هوءَ مون سان منهنجي ڪمري ۾ هلي. جڏهن هُن ساري بوتل پيتي، تڏهن هن کي ڪيپ چڙهي ويو ۽ اسان ايترو گهايل مايل ٿي وياسين، جو ان جي اظهار جي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ گنجائش نہ آهي. هوءَ انهيءَ ريباريءَ وانگر تي لڳي، جنهن کي مون ننگر پارڪر ۾ ڏٺو هو ۽ هن تي مون هڪ نثري نظم بہ لکيو آهي، جو شايع ٿي چڪو آهي، جي بہ عورتون منهنجي زندگيءَ ۾ آيون آهن، مون ڪنهن وينجهر وانگر اُنهن کي ڳهہ ۾ موتيءَ جيان ٻهڪايو آهي.

---

* هتي بہ اياز واقعا ورجايا آهن، پر وٽن ٿا، ڇو تہ ڪٿي ڪٿي لفظ ۽ احساس نوان آهن. (ت.ج)

سنڌ اچا چوئي موئي آهي. مان دانستاً ڪجهہ وڌيڪ نہ ٿو لکان.

ماسڪو ۾ ارينا سارو پويون ڏينهن مون سان پاڇي وانگر گڏ رهي. اسان هوٽل جي بار مان شئمپين يا واڊڪالاءِ پڇيو پر اُتي رڳو مٺو سونفي شراب موجود هو. مون بوتل وٺي پنجين بجي شام جوارينا کي چيو تہ هل تہ مٿي هلي ٽا ڪمري ۾ پيئون. اج پوئين رات آهي، اُنهيءَ کي زندهہ جاويد ڪريون.

مٿيون ڪمرو اندران بند هو. ٿوريءَ دير ۾ خاطر در کوليو ۽ اسان کي ڏسي وَن وَن ٿيڻ لڳو. مون هن کي چيو تہ هو بانو قدسيہ جي ڪمري ۾ وڃي ويهي ۽ اسان ڪجهہ وقت لاءِ خلوت ۾ ڳالهائبنداسين. هو ويو تہ مون در اندران بند ڪري ڇڏيو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ در کڙڪيو مون کوليو تہ ڏٺم تہ خاطر بيٺو هو. هن ڏاڪو رويل اِرينا کي ڏيندي چيو تہ بانو قدسيہ لاءِ چيز (پنير) وٺي آءُ نہ تہ هوءَ تنهنجي خلاف بيورو کي رپورٽ ڪندي ارينا چرڪي پيلي ٿي وئي. مون هن کي چيو تہ هل تہ هن لاءِ چيز وٺي اچون. موٽي ڪري سونفي شراب بار ۾ ٽا پيئون. روس ۾ چيز ڏاڍي سستي سيرن پيري پئي ملي. اسان چيز وٺي موٽي آياسين ۽ بانو قدسيہ کي چيز ڏني، هُن کي چيو تہ ”اسان هيٺ بار ۾ وينا آهيون. پنهنجو سامان بڌي ڪمرو بند ڪري چابي هن کي ڏئي وياسون ۽ هن کي چيو سون تہ جڏهن فارين بيورو جي ڪار اچي تہ اهو سامان لهرائي اسان کي بار مان سڏي وٺي.

فارين رائيٽرس بيورو مان مريم سُلگانيڪ، جنهن تي غالباً فيض نظم لکيو آهي، يا هن جي نالي ڪتاب جو انتساب ڪيو آهي، پہ موٽرون وٺي آئي. هڪ ۾ خاطر غزنوي ۽ بانو قدسيہ ۽ ٻيءَ ۾ مان، ارينا ۽ مريم جي وچ تي وينس. ايئرپورٽ ڏانهن ويندي اِرينا منهنجي آغوش ۾ ليٽي پئي تہ مريم منهنجي ڪُلهي کي ڏونڏاڙي چيو ”مون کي خبر نہ هئي تہ تون ايترو رومانٽڪ آهين، نہ تہ مان توسان دوشنبي تائين هلان ها.“ ايئرپورٽ ويجهو هو انڪري مون اِرينا کي اُٽاري ويهاريو. ٿوريءَ دير ۾ ارينا مون سان موڪلائيدي چيو ”ٿئنڪ يو اُنهيءَ مسرت جي لمحي لاءِ، جو ساري زندگيءَ ڪان وڌو هو.“

مريم هٿ ملائيندي چيو ”گڊباءِ!“

مون ڪنڌ ورائي اِرينا ڏانهن ڏٺو. سپ مان ڪجهہ موٽي ڪري پيا. جيستائين جهاز ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿو تيستائين مون تي خمار هو ۽

ڪائي صورت اکين اڳيان ڪنهن ٽري سونهن وانگر چمڪا ڪري رهي هئي.

سال بہ اڳ هتي اخبارن ۾ آيو تہ روسي اخبارن ۾ آيو آهي تہ لينن جي پونئيرن کي اطلاع ڏنو ويو آهي تہ لينن جو لاش ڪريملن مان ڪڍي ڪٿي پورايو وڃي، نہ تہ حڪومت ڪڍي پورائي ڇڏيندي. اُنهيءَ انسان، جنهن جا قدم قدم تي سومنات جي بُتن جيترا وڏا بُت هيا، اُن کي ڪريملن ۾ هڪ شيشي جي قبر نصيب بہ ٿي يا نہ!

وڏيڪ مان اشتراڪي نظام جي باري ۾ ڪيترن ئي رسالن ۾ لکي چُڪو آهيان، جيئن سنڌ جي نوجوانن کي اشتراڪيت جو صحيح چهرو ڏيکاريان. جڏهن مون اهو ڏنو هو تڏهن تہ اِرينا جهڙو سهڻو هو. ڪميونزم جي ناڪاميابيءَ جي صحيح تجزئي لاءِ ڪيئي سال لڳندا. في الحال آدم جي اولاد جو اهو خواب تہ اسان پنهنجي جدِامجد جي متروڪ جائداد تي قبضو ڪنداسين. ٽُٽي ويو.

عوام، عوامي ادب، عوامي انقلاب!

عوام جهڙو بي شعور، بدذوق ۽ بي رحم ڪوئي نہ ٿو ٿئي! عوام قوام آهي. عوام يو.ايس.ايس.آر جي شڪست ريخت خوشيءَ سان قبولي. هندستان ۾ عوام گانڌيءَ جو قتل ڳهي ويو ۽ بي.جي.پيءَ کي اقتدار ۾ آندائين، جنهن واري ذهنيت گانڌيءَ جي قتل لاءِ ذميوار آهي! شل نہ ڪنهن ڪميونسٽ کي دولت جي چوس پئي! ڏاتو ۽ متروڪ بہ رڙڪي ويندو! ٻڌ ۽ مهاوير جي زماني کان هزار پيرا وڏيڪ لوڀ ۽ لالچ هاڻي آهي. فقط اليڪٽرانڪس وغيره ۾ ترقي بي معنيٰ آهي، جيستائين انسان پنهنجي پاڻ کي نہ ٿو بدلائي. لينن لکين آدرشي ماڻهو پيدا ڪيا، جن کي تاريخ پان وانگر چبي ٿوڪاري ڦٽي ڪيو.

عوام جي نڪ ۾ ناڪيلي آهي، جا بدلجندي ٿي رهي ۽ اُٺ جي واڳ ڪنهن وقت ڪنهن جي هٿ، ڪنهن وقت ڪنهن جي! شاعر، مصور، عوام جي زندگيءَ جي فقط حقيقت پسندانہ ترجماني ڪري تہ سگهي ٿو پر هن کي بدلائي نہ ٿو سگهي. اوريانا فلاچي پنهنجي عاشق يوناني شاعر اليڪسوس پئنا گولس (Alexsos Panagoulis) تي ناول ”مُڙس ماڻهو“ (The man) ۾ اها ڳالهہ نهايت تلخيءَ سان لکي آهي ۽ پهرئين ئي صفحي تي هن هجوم کي ”هڪ گينوار ۽ ڪن لاٽار وارو درندو“ ڪوٺيو آهي، جنهن

هن جي عاشق جو جيئري تہ نہ، پر موت کان پوءِ بہ قدر نہ ڪيو. پٺنا گولس هڪ سرويچ، بيباڪ ۽ آڳو پيچو نہ ڳڻيندڙ انسان هو.

سنڌي عوام آهي تہ مظلوم ۽ مصور گويا جيئن هسپانوي ماحول جي عڪاسي ڪئي هئي، تيئن شاعر، عوامي زندگيءَ جي مصوري ڪري سگهن ٿا.

سنڌي شاعر بہ شاهہ لطيف وانگر عوام جي زندگيءَ جي مصوري ڪري سگهي ٿو. باقي عوام مان شناس جي توقع عبث آهي. شاعريءَ لاءِ نہ رڳو شاعر کي ڪيئي سال مشق گهرجي، پر پڙهندڙن کي ان جي پرک ۽ پروڙ لاءِ بہ مشق گهرجي، نہ رڳو عوام پنهنجن مسئلن ۾ ايترو وڪوڙيل آهي، جو اُن کي اهڙي تربيت لاءِ وقت نہ آهي، شاگردن ۽ نوڪري پيشي وارن ماڻهن کي بہ ان لاءِ ورلي وقت ملي ٿو. باقي جن اُن جي چس چکي آهي، سي اُن جي مطالعي لاءِ وقت پيدا ڪري وٺن ٿا.

سياستدان، فنڪار کي پنهنجي سياست لاءِ ڪارائي ۽ ڪمدار وانگر استعمال ڪن ٿا. ميڪسيڪو جي مصور ۽ ٽراٽسڪيءَ جي دوست ڊيگو رويرا هڪ مصوريءَ جو شاهڪار تخليق ڪيو جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ جُوالا مُکيءَ جي تري ۾ هڪ جوئا خانو آهي، جنهن ۾ خوش لباس مرد ۽ عورتون کلڻ، کٽڻ ۽ کيڏڻ ۾ مصروف آهن ۽ جوالا پنهنجي جيءَ ۾ لاوا ٺاهي رهيو آهي. شاعر جي دور رس نگاهہ ان لاوا جي عڪاسي ڪري سگهي ٿي. اُهو ڪڏهن ٿو ڦاٽ کائي، ڪيئن ٿو ڦاٽ کائي ۽ ڪير ڪير ٿو اُن جي شعلن جي لپيٽ ۾ اچي ۽ ڪير بچي وڃي ٿو. ان جو اظهار هو سياسي فڪر ۽ سياسي مدبر لاءِ ڇڏي ڏئي ٿو. هو تاريخ جي ڌارا کي موڙي نہ ٿو سگهي. شاعر لاءِ پنهنجي شعور جو ايترو اظهار ڪافي آهي. هو ڪئميرا ٿئي يا دوربين ٿئي، هن لاءِ ڪمپاس ٿيڻ ضروري نہ آهي، جنهن بہ طرف جو تعين ڪيو تنهن جو آرٽُ ماريو ويو جو اُهو طرف غلط نڪتو. ٽالسٽاءِ، گوگول، چيخوف، دوستو وسڪي وڏا ناول نگار هئا، اهي زندهہ جاويد آهن، پر لينن پيس پرائيز ونر انقلاب سان گڏ کڏ ۾ وڃي ڪريا. جي آرٽسٽ کي گورڪيءَ وانگر پنهنجي زندگي داوَ تي لڳائڻي آهي تہ اُها هن جي مرضي، پر هن کي پنهنجي آرٽ کي داوَ تي لڳائڻ نہ گهرجي. اها ڳالهہ پاسترناڪ ۽ شاعر مينڊالسٽام ڪئي، جي انقلاب جي بي معنيٰ موت جي باوجود جيئرا آهن. روس جو بي مثال ادب انقلاب کان اڳ جي تخليق آهي. ائنا اخمتوا جي

انقلاب کان اڳي لکي ها تہ اُها عظيم شاعري ڏئي سگهي ها، جا جهجهائي ۾ سونهن ۾ هن جي انقلاب واري دور جي شاعريءَ کان گهٽي هجي ها. ائنا اخمتوا چُپ ڪرائي وئي، ميندالستام مارايو ويو ۽ پاسترناڪ کي نوبل پرائيز وٺڻ کان باز رکيو ويو ۽ هن جي محبوبا کي سائيبيريا اُماڻيو ويو. ان لاءِ فقط اسٽالن ذميوار نہ هو پر اُهو سارو نظام ذميوار هو جنهن اسٽالن کي اقتدار ۾ آندو هو. عوام، علم ۽ ادب کان ايترو تہ بي شعور هيا ۽ شاعر جي المئي ڏانهن ايترو بي حس هيا، جو هنن ٻڙڪ نہ ٻاڦي ۽ هنن جي ڪنن تي جُونءَ بہ نہ رڙهي.

شيڪسپيئر "وچ اونهاري رات جو خواب" (Mid Summer Night Dream) ۾ چيو آهي تہ:

Lord! What fools these mortals be!

(يا خدا هي فاني انسان ڪيڏا نہ بيوقوف آهن!)

هاڻي تہ مان بدلجي چڪو آهيان. منهنجو دنيا جي عوام ۽ ان جي ڪنهن بہ آدرش ۾ اعتبار نہ رهيو آهي. مون سوپي کي هڪ ڀيري چيو هو تہ "انسان بنيادي طرح ظالم ۽ جاهل آهن ۽ اشرف المخلوقات ٿيڻ لاءِ هنن کي وڏي جهادِ نفس جي ضرورت آهي. اوهان کي اقتدار ڪڏهن نہ مليو آهي ۽ اوهان اُن جو خواب بہ نہ لڌو آهي، مان اوهان جي لاءِ ڪجھ چئي نہ ٿو سگهان. پر توکي ايترو چوان ٿو تہ انسان ڪڏهن بہ سڌرڻو نہ آهي. ڊارون سچ چيو آهي تہ انسان باندر جي اولاد آهي ۽ باندر مان فقط چترائي ۽ لُچائي جي توقع رکي سگهجي ٿي، پوءِ ڀلي چونہ هو هنومان جو پُٽ هجي!"

ان تي سوپي چيو هو تہ "پوءِ انسان جيئي ڇالاءِ! آپگهات ڇونہ ڪيو وڃي؟"

مون هن کي جواب ۾ چيو هو تہ "انسان لينن جي دؤر ۾ تہ نہ پيدا ٿيو هيو! انسان صدين کان زنده آهي! اُهو خود شناسيءَ ۽ خدا شناسيءَ لاءِ جيئرو رهي سگهي ٿو! ان کان بهتر ڪوئي آدرش نہ آهي! مغرب جي تاريخ پڙهي مان انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ مغرب دنيا جي تڪميل چاهي ٿو ۽ مشرق انسان جي تڪميل چاهي ٿو."

هاڻي جڏهن مان پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو وينو آهيان تہ نئين عهدنامي مان ڪجھ ياد اچي ٿو:

"جتي ڪوئي بہ نہ آهي،
مان چوان ٿو تہ آءٌ هن سان گڏ آهيان."

مان پانيان ٿو تہ جڏهن مون جرمن شاعر رلڪي پڙهيو هو تڏهن اهو محسوس ٿيو هو تہ "نئين عهدنامي جي سٽن کي هُن وڌيڪ ڦهلاءَ سان نظمايو هو. مان پانيان ٿو تہ اهو هن هڪ نظم جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن جو ترجمو مان ڪنهن ڪتاب ۾ ڇپائي چُڪو آهيان."

مان اڳي وانگر تحرير ۾ تسلسل نہ رکي سگهيو آهيان. جيئن جو ڪجھ ياد آيو آهي، ايئن اُن کي لکيو آهي. ماضي، حال ۽ مستقبل مون کي فريبِ نظر لڳا آهن.

مون ٻئي ڀاڱي جي آتم ڪهاڻي اتي ڇڏي هئي، جڏهن مان منوءَ سان عشق ڪندو هوس. نہ رڳو مان جسماني ورزش، ڏنڊ ڪڍڻ، بيٺڪون ۽ ڀچريون ڪڍڻ، منگليون ڦيرائڻ جي مشق ڪندو هوس، پر ويٽ لفٽنگ بہ ڪندو هوس. منهنجون مشڪون، ڏورا ۽ پنيون ڏاڍيون سيبتيون لڳنديون هيون. هڪ ڀيري مان ڏاڍي ڳوري ويٽ کڻي رهيو هوس، جا منهنجي هٿ مان ڇڏائجي وئي. واحد بخش لوهر جو منهنجي پنيان بيٺو هو اُن انهيءَ ويٽ ۾ هٿ وجهي اُن کي روڪي ورتو نہ تہ اُن جو ٻيو پاسو منهنجي مٿي تي ڪري ان کي ڇٽي وجهي ها.*

ان سان گڏ مان ايترو پڙهندو هوس، جو منوءَ تي سٺو اثر وجهڻ لاءِ ڇهين ۽ ستين درجي ۾ پهريون نمبر آيو هوس. هن جي تحسين جي نگاهہ مون کي عرش معليٰ تي کڻي ويندي هئي.

جڏهن سي ايند ايس ڪاليج ۾ آياسين، تڏهن منو مون سان گڏ آرٽس ۾ پڙهندي هئي. هُوءَ جڏهن رسيس ۾ نڪرندي هئي، تڏهن مون کي وراندي ۾ ڏسي بيهي رهندي هئي. مون کي ڪاڏيءَ جا ڪپڙا پيا هوندا هئا. ورزشي بدن ۽ گندمي رنگ هوندو هو. اسان جي وچ ۾ مذهب جي ديوار هوندي هئي ۽ هندو ڇوڪريون مسلمانن سان نہ ڳالهائينديون هيون، پر اکين جي ٻولي رڳو اکيون سمجهنديون هيون، توڙي زبان تي تالا هوندا هئا. اکين جو ڪوئي دين ڌرم نہ ٿيندو آهي. مون ڪاليج جي مسيلنيءَ ۾ ٽئگور جي طرز تي نظم لکيو

---

* واقعا ورجائجن ٿا، پر اهو اياز جو پنهنجو انداز آهي. (ت.ج)

هو جو سپ کي وٽيو هو. هڪ پيري منوءَ مون ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ چيو: ”واڏايون اٿي! انگريزيءَ ۾ نظم ڪهڙو نہ چڱو لکيو اٿئي!“ اهو چئي هُوءَ تيزيءَ سان گرلس روم ۾ هلي وئي. هوءَ جڏهن ٽانگي تي ويندي هئي، تڏهن اسان جون اکيون هڪ ٻئي کي سنيها ڏينديون هيون. مَنوءَ کي ياد ڪري مون هيٺيون بيت لکيو هو:

ڪي ڪي اکيون اوپريون، توڙي ڇاڻ سڄاڻ،
ڪي ڪي اکيون آرسيون، جنهن ۾ نينهن نياڻ،
ڇڪجي پنهنجو پاڻ، جَرَجي وڃن جيءَ ۾.

هوءَ منهنجو معصوم عشق هئي.

جڏهن فرسٽ ايئر ۾ آياهياسين تہ مَنو ديا، چمپا، ليلا وغيره آرٽس ۾ ۽ ريشم بہ فرسٽ ايئر سائنس ۾ داخلا ورتي هئي. غالباً هن مئٽرڪ ڪراچيءَ مان پاس ڪئي هئي.

هڪ ڏينهن رسيس ۾ مان ڪاليج جي ورانڊي ۾ ٽهلي رهيو هوس ۽ ڪجھ ٻيا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بہ ٽهلي رهيون هيون. ريشم منهنجي سامهو بيهي، مون کي اسلام عليڪم ڪندي چيو ”منهنجو هڪ ڪم ڪندين؟“ مون کي اها خبر هئي تہ هوءَ منهنجي گهري دوست جمال صديقيءَ جي دوست ۽ پاڙيسري هئي، مون هن کي چيو تہ، ”چؤُ!“

”مون لاءِ گاجرا جي دڪان تان هيٺيون پينسلون، قطون ۽ مس ڪيڙي وٺي ايندين؟“

جڏهن مون هائو ڪئي تڏهن هُن مون کي گهر جي ائڊريس ٻڌائي ۽ هڪ يا ٻہ ربيا ڏنائين، جي مون هن کي موٽائي ڏنا، ۽ چيو تہ گهر اچي وٺندوسانءِ. ياد نہ آهي تہ اهو ٻلديو گاجرا هو يا ٻيو ڪو گاجرا هيو. هن جو دڪان شاهي بازار ۾ هو. مان هن جو ن گهربل شيون وٺي، هن جي ڏس تي هن جو گهر ڳولي لڌو ۽ هن جو در ڪڙڪايو تہ هن در کوليو. ٻيو مرد گهر ۾ ڪونہ هو. هن جي ماءُ ماني پچائي رهي هئي ۽ مان ٻاهہ تي هٿ سيڪڻ اوڪڙو ويهي رهيس. ٻاهر ولهہ تي وسي ۽ ڏاڍي ٿڌ هئي. هوا منهنجا لڱ ڳڱاتي ڇڏيا ها. اندر ۾ بہ مون کي سياٽو تي رهيو هو. هن هڪ ڪاٺ جي صندلي سوري مون کي ڏني ۽ پاڻ ٻي صندلي سوري ٻاهہ جي پرسان هٿ پير سيڪڻ لڳي.

هن جون ٻانهون ۽ پنيون ڇڻ سون مان پلٽيون ويون هيون. هن مون کي آندل شين جي قيمت آڇي، جا مون نہ ورتي. ان تي هن جي ماءُ چيو تہ، ”پُٽ آيو آهين تہ پينديون ۾ ماني کائيندو وڃ!“ مون کي ٻاهہ تي اها پوهہ جي رات اڃا نہ وسري آهي ۽ اهي ڪانڊا تاندا نہ وسريا آهن، جي ڪاٺين مان ٿهيا ها، جي اڃا ٻري رهيون هيون. مان اڌ رات تائين هن سان ڳالهائيندو رهيس. هن جو منهن اڱرن جي تَوَ ۾ پڳهاريل سون وانگر لڳي رهيو هو. اُن رات اسان جي ايتري واقفيت ٿي، جو مون صبح جو رسيس ۾ هن کي وراندي ۾ بيهاري چيو ”ريشم! پيو ڪوئي ڪم.“

”في الحال تہ ڪونهي.“ هن جواب ڏنو ”جڏهن پيو تہ چوندي سانءِ. تو تہ ڏٺو مان ماءُ سان اڪيلي ٿي رهان ۽ اسان جي گهر ۾ ڪوئي مرد ڪونهي، جو اسان کي بازار مان ڪجهہ آڻي ڏئي.“

هڪ ڀيري هن مون کي وراندي ۾ روڪي چيو ”تون انگريزي ڏاڍي چڱين ڄاڻين! ڪاليج جي مسيلنيءَ ۾ تنهنجي انگريزيءَ ۾ آرٽيڪل ڇپي آهي تہ سڀ ڇوڪريون تنهنجيءَ ساراهہ ۾ نہ ٿيون ماپن، تون مون کي روز انگريزي سيکارڻ ايندين؟“

مون چيو ”هائو.“

پوءِ جنهن وقت هن جي ماءُ هيٺ ماني پچائيندي هئي مان ڏاڪڻ جي مٿان واري ڪمري ۾ هن کي انگريزي سيکاريندو هوس. وچ وچ ۾ هوءَ مون کي ڪيئي چرچا ٻڌائيندي هئي ۽ پاڙي وارن لطف الله بدوي، غلام علي مسرور، جمال جي مائٽن ۽ ٻين جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. چوندي هئي تہ اسان جي پاڙي ۾ بہ لطف الله آهن. هڪ منهنجي گهر پرسان مسجد ۾ پيش امام ٿي نماز پڙهائيندو آهي ۽ ٻيو لطو حجم. لطوءَ جو سچو نالو لطف الله آهي. هڪ مٿا ڪوڙيندو آهي ۽ ٻيو ڳوڙهيون ڳالهيون ڪري ماڻهن جا مٿا وڃائيندو آهي. هن جي دوست جمال جا مائٽ ملان هيا، جن جي باري ۾ هُوءَ اڪيچار لطيفا ٻڌائيندي هئي. مون هن کي هڪ ترڪيءَ جي شاعر جو هڪ نظم ٻڌايو تہ: ”مون رات جو خواب ڏٺو تہ جنت ۾ پهچي ويو آهيان، پرسان حورون ميونَ ۽ منائين جون ٿالهيون جهلي بيٺيون آهن، جن منجهان هڪ ملان طرح طرح جا ڦل ۽ منايون کائي رهيو آهي ۽ ٿالهيون خالي ڪري ڇڏيون اتائين ۽ ايترو کائي ويو آهي، جو طوبيٰ جي هيٺان ويهي

التيون ڪري رهيو آهي.“ ان تي ريشم ڏاڍو کلي ۽ چيائين, ”هڪ ملان جي ڳالهہ ٻڌايانءِ. جو وهڪجي ويو آهي ۽ پوءِ مون کي ڪن ۾ ڪجهہ چئي گوڏن تي هٿ هٽي ڪِل ۾ ويڙهجي وئي, جڏهن مون ”ڪلٽي“ ڪهاڻي لکي هئي تہ هوءَ ئي منهنجي ڌيان ۾ هئي, پر اها گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي.

هوءَ ڪاليج ۾ سائنس پڙهندي هئي, جتي هڪ شودو پروفيسر ماڪيجاڻي نالي پڙهائيندو هو جنهن مان پارپتيءَ نالي ڇوڪريءَ کي پيٽ ٿي پيو هو. پارپتي هن جي گهر خانگي تعليم وٺندي هئي. هن پنهنجي شرمندگيءَ کي لڪائڻ لاءِ ليبارٽريءَ ۾ سنکيو کاڌو هو ۽ ڪاليج ۾ ڪافي ڇڱ پڇڻ ٿي هئي. ان کان مهينو اڳ ريشم هن وٽ خانگي تعليم لاءِ وئي هئي ۽ موٽي اچي ماءُ کي ٻڌايائين تہ ماڪيجاڻيءَ مون سان هٿ چوهي ٿي ڪئي, پر مون کيس ڏڪو ڏنو. ريشم جي وڏيءَ ڀيڻ جو مڙس اُتي ويٺو هو. اُن سس کي چيو تہ ماڪيجاڻيءَ جي زال جي دعوت ڪر تہ هن کي ماڪيءَ ۾ اهڙو ماڪوڙو چنبڙايان, جو ماڪيجاڻي وسري وڃيس. ٻي ڏينهن تي ريشم پروفيسر وٽ نہ وئي ۽ چيائين تہ, ”مون کي هو ابليس جي اولاد وانگر ٿي لڳو. مان هن وٽ وڃڻ مناسب نہ ٿي سمجهان. هن جي زال مُئي مک آهي ۽ هو هن جي موجودگيءَ ۾ ڪجهہ بہ ڪري سگهندو آهي.“ مهيني کان پوءِ اِهو پارپتيءَ وارو واقعو ٿيو. پارپتي بيهوش ٿي وئي هئي ۽ هن جي آپگهات جو سبب سيني کي معلوم هيو. شاگردن جو هڪ هجوم ڪنو ٿي ويو ۽ ماڪيجاڻيءَ کي موچڙا ٿي هنيائون, پر پوءِ پارپتي هوش ۾ اچي وئي ۽ پرنسپال وچ ۾ پئي شاگردن کي ٿڌو ڪيو.

مان ريشم کي لالٽين جي روشنيءَ ۾ پڙهائيندو هوس ۽ سيءَ جي ڪري اسان اڌ ڏڙ تي سوٽي سَوڙ وجهي ڇڏيندا هياسين. هن جي دوستيءَ جي باري ۾ مون هن جي وفات تائين ڪافي ڪجهہ اڳيئي لکيو آهي, جو جيڪڏهن ڪنو ڪري هڪ وقت پڙهجي تہ هڪ ناول وانگر لڳندو.

ان وقت ۾ مَنو مون کان وسري چُڪي هئي ۽ مون کي ريشم سان واندي ۾ گڏ گهمندي ڏسندي هئي تہ هن جو منهن پيلو ٿي ويندو هو.

ماڪيجاڻيءَ ريشم کي فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ ۾ فيل ڪيو ۽ غصي ۾ هوءَ ڪراچيءَ هلي وئي ۽ اُتي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين.

ان کان پوءِ گائتريءَ وارو واقعو ٿيو هو جڏهن گائتري بہ مون کي گهر

اچڻ کان منع ڪئي، تڏهن منهنجي شڪارپور مان دل اُچاٽ ٿي وئي. آٿت تڏهن آئي، جڏهن مان احمد ميان سومري کي اباڻي زمين مان 19 جريب وڪيا ۽ انٽر ميڊئيٽ ۾ سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ اٺويهہ هزار شاگردن ۾ پارسيءَ ۾ فرسٽ آيس ۽ مون کي اسڪالرشپ مليو ۽ مون بہ ڪراچيءَ وڃي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. مون کي ياد ٿو اچي ڪينجهر ۾ ٻيڙيءَ جي آڳل تي مون هڪ پاڻيءَ جو پڪي وينو ڏٺو هو. اُن جي باري ۾ ميربحرن چيو ٿي تہ اُن کي ڪوبہ نہ اڏاري، ڇوتہ اُهو جڏهن اڏامندو آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ جو ساهہ کڻي ويندو آهي.

انٽرميڊئيٽ ۾ مسيلنيءَ جي ايڊيٽرشپ لاءِ منهنجي خلاف هڪ گاجرا ذات جو ڇوڪرو بيٺو هو. مون تي اڃا تائين علامہ اقبال جو اثر هو. وري جو گاجرا اليڪشن ۾ هر ڪنهن کي چوڻ لڳو تہ ڄٽ کي ووٽ ڏيندؤ ڇا تہ مون کي ڏاڍي خار آئي. ان وقت انگريزن خلاف هلچل جاري هئي ۽ ڪاليج جي ٻين ڇوڪرن سان گڏ گاجرا بہ جيل ۾ ويو. هن کي طرح طرح جا عذاب ڏنا ويا. جڏهن هو جيل مان نڪتو تڏهن هن کي آنڊن جي سلهہ ٿي پئي هئي. هُن کي لکي در پرسان ڪنهن بينڪ ۾ رهايو هئائون. مان هن کان پڇڻ ويو هوس، ڇوتہ هو منهنجو دوست بہ هئو. هن جي حالت زارونزار هئي ۽ هن جي اکين ۾ ڊنل سهي وارو خوف هيو. هن مون کي چيو تہ، ”مان پرنسپال کي چئي ڇڏيو آهي تہ، جي مان نہ بچان تہ مسيلنيءَ جي ايڊيٽرشپ توکي سپرد ڪئي وڃي.“ مون هن کي رحم سان ڏٺو ۽ جي وَس پڄي ها تہ هن کي بچائي وٺان ها. ٿئين ڏينهن هو گذاري ويو. ڇگُو جو هو ديس ۾ گذاري ويو ۽ پرديس ۾ ڏڪا ڏوڙا نہ کاڌائين، پر ان جي ڪري ڇا ٿئي ها! هن جي رک هونءَ ئي اتر پرديش ۾ گنگا ۾ لوڙهيائون. هندو سنڌوءَ ۾ رک نہ لوڙهيندا هئا. معلوم نہ آهي تہ هنن کي ساڌ ٻيلي کان وڌيڪ گنگا گهاٽ ڇو پسند آهي، جتي لکين مڙهہ جلي بدبوءِ ڦهلائي ڇڏيندا آهن. اسان سنڌي مسلمان تہ مڪي مديني پنهنجو لاش دفنائڻ لاءِ نہ موڪليندا آهيون. ڊامنيڪ لاپيئريءَ جو چوڻ آهي تہ مهاراشٽرا جي گاڌِسي وصيت ڪئي هئي تہ هن جو لاش سنڌوءَ ۾ لوڙهيو وڃي، نہ ڄاڻان ڇو؟

ڪراچيءَ ۾ رسيس وارو وقت ريشم سان سائنس ڪاليج ۾ بيٺو هوندو هوس ۽ ڪاليج جي موڪل ٽيڻ کان پوءِ قرة العين سان. هڪ ۾ شربتِ

ابريشم جو لطف ۽ ٻيءَ ۾ رُبِ انار جو. هيءَ زندگي مون تي ڪيتري نہ مهربان رهي آهي!

وسيم سومري نالي هڪ نوجوان، جو نوابشاهہ جو شاعر آهي، مون کي پنهنجوڪتاب پيش ڪرڻ آيو هو. ڳالهيون ڪندي هن چيو تہ اوهان ڀاڳوند ماڻهو آهيو. هن وقت ڀاڳُ مون لاءِ شرابين وانگر رنگارنگ نقش آهي. ڏسجي تہ اهو ڪٿي ٿو کُٽي! مون کي ٻڌ جا لفظ وسري نہ ٿا وسرن! "سَرومر دُکمر." سوچي جو حال ڏسي تازو اهي لفظ مون کي ياد آيا ها.

اڄ 6.4.1971 تي برسات اخبار ۾ پنج ڇهہ سٽون ڇپيون هيون تہ "سنڌ جو جهونو شاعر لال محمد لال 70 ورهين جي عمر ۾ شڪارپور ۾ گذاري ويو. هو دراصل مون کان وڏو هو ۽ ڇهن مهينن کان بيمار هو. مرحوم الوحيد اخبار جو ايڊيٽر هو. شڪاپور لا ڪاليج جو پرنسپال هو." مان ڪجهہ وڏايان ٿو تہ سُئو وڪيل بہ هو چڱو دوست بہ هو خدا کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي! هُو ڪجهہ وقت اڳ مون کي پنهنجيءَ شاعريءَ جو ڪتاب "گونج" ڏئي ويو هو جنهن مان هن جو هڪ پيارو ۽ من موهيندڙ گيت هيٺ ڏيان ٿو:

"دل نہ لڳائج دنيا سان،
گل ڦل سهڻا، رنگ رتيلا،
ڳاڙها ساوا، نيلا پيلا،
چاهيم جيڪر دل پرچايان،
گلڙن کي ڇاتيءَ سان لايان،
آئي ڪٿان جو بادِ خزان - منع ڪيائين اي نادان!
دل نہ لڳائج دنيا سان،
دنيا چئن ڏينهن جو ماڳ،
چوڏهينءَ جي چانڊوڪي آئي،
اوريان اوريان ايندي ويئي،
مُنهنجي دل گهايل تي پيئي،
صبح جو تارو آيو مٿان - منع ڪيائين اي نادان!
دل نہ لڳائج دنيا سان
دنيا چئن ڏينهن جو ماڳ.

آءُ لال کان مختلف راءِ ٿو رکان تہ، "دنيا سان دل ٿي انڪري لڳاءِ، جو اُها چئن ڏينهن جو ماڳ آهي. هيءَ دنيا، جا بارش ۾ قوس قزح وانگر آهي، گلاب تي شبنم وانگر آهي، وهندي نديءَ ۾ چنڊ وانگر آهي، وري نہ ملڻي آهي. اُن سان جيتري بہ دل لڳائي سگهين، لڳائي وٺ! متان توکي وري هي رابيل جو گل ملي نہ ملي، جو پرهہ جي هير ۾ جهومي رهيو آهي. متان هيءَ تارن ڀري راتڙي، جا تلاوَ ۾ ڏياري ملهائي رهي آهي وري نہ اچي! ها، هيءَ رنگ وبو جي دنيا، هي ناو ونوش جو عالم، هي خوشي ۽ سرخوشي، جا جام ومينا ۾ سمايل آهي، وري ملي نہ ملي!"

هيءَ اڪثر شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري لال محمد لال فدايانِ اسلام جي اُنهيءَ حلقي جو ماڻهو آهي، جنهن جي باري ۾ هن مون کي ٻڌايو هو تہ "پرندڙ شمع تي اسان هٿن رکي قسم کنيو هو تہ اسلام تي جند جان فدا ڪنداسين."

ساڳي وقت هو سڳن آهوجا جو گهرو دوست هوندو هو جو بہ عروضي شاعر هو. اتفاق سان مرحوم ڊاڪٽر نعيم جي هڪ ڀائٽي نسيم گهانگهرو اسان جي گهر آئي ۽ هڪ فائيل اڳيان رکي چيائين تہ "اُن ۾ چاچا نعيم جو ڪلام آهي، جو هو شڪارپور واري گهر ۾ ڇڏي ويو هو ۽ جو اوچتو مليو آهي، هن مون کي چيو تہ مان اُن تي پيش لفظ لکان تہ اُهو اسان ڪتابي صورت ۾ ڇپائينداسين." نعيم منهنجو ڏاڍو پيارو دوست هيو. مان، نعيم، لال محمد لال ۽ ڪنهن وقت احسان بدوي گڏجي شڪارپور جو ريلوي بند وٺي جامڙا ريلوي اسٽيشن ويندا هياسين، جا شڪارپور کان اٺ ميل پري هئي. چانڊوڪيءَ ۾ ريل جي ڪُوڪ آرٽ ۾ مختصر زندگيءَ جي علامت لڳندي هئي. پنڌ ڏاڍو گهڻو هو ۽ هڪ ڀيري موٽڻ وقت مان ٿڪجي پيو هوس، ايئن لڳو تہ ريل جا پٽا ابد تي تي پهتا. رستي تي نم، سرنهن، پپل جا وڻ منهنجي پنڌ جا خاموش تماشائي ها، جڻ چئي رهيا ها، "ڏسون تہ هي ڪيستائين ٿو ڇڪي!" چنڊ منهنجي مٿان هلي رهيو هو ۽ شڪارپور جي ريلوي ڦاٽڪ تائين منهنجو ساٿ نہ ڇڏيائين. مون اوٺ موٽ سورنهن سترنهن ميل پنڌ ڪري، گهر پهچي ساهي پٽي، ماني کاڌي ۽ گهريءَ بي خواب ننڊ ۾ گم ٿي ويس، تان جو صبح جو مون کي ماءُ اُٿاري چيو

"اڄ تہ تنهنجي شاهي باغ وڃڻ جو وقت گذري ويو."

لعل محمد لال، منهنجو آخرين لڳ ڀڳ ساڳيءَ عمر وارو شاعر هو جو

بہ ڪالھہ گذاري ويو. مير درد جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي:

درد کچھ معلوم ہے یہ لوگ سب،
کس طرف سے آئے تھے، کدھر چلے.

ننڊ ڪان اڳ ۾ مان ڪائي ڪيسٽ هلائي ڇڏيندو آهيان ۽ مٺي آواز تي ننڊ اچي ويندي آهي. رات مون شايد پروين سلطانہ جو ڪيسٽ هلايو هو جنهن ۾ ٻول هيا. ”ڪون گلي گيو شيام“ مون کي جيستائين ننڊ ڪٽي وئي، مون کي سرڳواسي دوست نارائڻ شيام ياد اچي رهيو هو جنهن کي هڪ نادان ڊاڪٽر گلوڪوس جي اجائي ڊرپ چاڙهي ماري وڌو هو. نارائڻ شيام بہ لال محمد لال جو دوست هو ٻئي نهٺي سڀاءَ وارا انسان ها, ڪنهن سان ڪٽ پٽ نہ ڪندا ها ۽ تورو ڳالهائو هوندا ها. ننڊ ۾ مون ڏٺو تہ ”شيام جمنا جي ڪناري ڪنهن گوپيءَ کي ڳولي رهيو آهي ۽ پنهنجي بنسري جمنا ۾ ڦٽي ڪئي اتائين ۽ چئي رهيو آهي تہ تون دور آهين تہ ڇا, هيءَ بنسري تو تائين پهچي ويندي!“

نعيم جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ مان چوان ٿو تہ هن جي شعر تي ڪجهہ لکان, اُهو علامہ اقبال جو پڙادو آهي, خاص ڪري هن تي ”بالِ جبريل“ جو اثر آهي, جو اسان مئٽرڪ ۾ پڙهنداهياسين. مون اڳيئي لکيو آهي تہ نعيم زندگيءَ کي شاعريءَ ۾ بدلائي ڇڏيو هو. هن جو هڪ غزل هيٺ ڏيان ٿو:

سوال ڪيئي, انهن جو مگر جواب نہ آ
ٿيون اُميدون گهڻيون, ڪائي ڪامياب نہ آ
اُها جفا جا ڪرين ٿو اُنهيءَ مان ڇا ورندو؟
ڪيئہ هزار ستم جن جو ڪو حساب نہ آ.

ٿيان ٿو مست جو ساقيءَ جي چشمِ مست ڏسي,
شرابِ ناب نہ آ, نشئہ شراب نہ آ.

نگاهہ تنهنجي وڌو جهٽ جهانِ دل ۾ پيِر,
اجا چئين ٿو هي ڪوئي انقلاب نہ آ!

هي منهنجي مشرق سينہ ۾ جلوه گر ڇاهي؟
هي داغ زخمِ دل آ، ڪوئي آفتاب نہ آ.

ٿيو شراب حقيقت کان مست جو وجدي،
آ هوشيار حقيقت ۾ محو خواب نہ آ.

نعيم اردو شاعريءَ جي گهيراوَ مان نڪري نہ سگهيو. ڇوتہ هن جون جڙون سنڌ مان ڪٽجي ويون هيون.

ڏرتيءَ سان وفا شعاريءَ جو رشتو ماءُ ۽ ڌيءُ وارو آهي ۽ ان جي ٽج ئي هن ۾ سگهہ پيدا ڪري ٿي ۽ اُها ٻڙ وانگر وڌي ٿي سگهي.

يسوع جي زماني کان اڳ جي يوناني فلسفيءَ سينيڪا چيو آهي، ”اڳ ۾ مرڻ يا دير سان مرڻ اهميت وارو نہ آهي. اهم اهو آهي تہ ڪو صحت مند هوندي مري ويو يا بيمار ٿي مري ويو. چڱو موت اگهائيءَ مان ڇوٽڪاري جو نالو آهي.“

پر اگهائيءَ جي باوجود انسان جي زندگيءَ سان محبت ساڳي آهي. حقيقت تہ اها آهي، جا اليڪسي ٽالسٽاءِ چئي آهي،

”هر شيءِ رک آهي، خواب وخيال آهي، پاڇاوان آهي،
دونهون آهي ۽ اسان موت جي اڳيان بي هٿيار ۽
بي يارو مدد گار هونداسين.“

”اسان ڪنيو حسن، عشق، زندگي، موت، ازل، ابد.“ مون کي پاسترناڪ ياد اچي رهيو آهي، پر اهو عشق، بقول غالب:

کہتے ہیں جس کو عشق، خلل ہے دماغ کا

اهو دماغ جو خلل، جي غالب جي دماغ ۾ نہ هجي ها تہ هڪ گهٽ ذات واريءَ لنگهياڻيءَ جي عشق ۾ گرفتار نہ ٿئي ها! هو تہ چوندو هو

سو پشت سے ہے پیشہ آبا سپہ گری.

عشق اُها ڪوڙڪي آهي، جنهن ۾ هرڻ جي ٽنگ ڦاسي پوي ٿي ۽ جي هو اُها زور سان گهلي ٿو تہ جيئن اُن مان آجو ٿئي تہ اها ٽُٽي پوي ٿي.

اکين جي جادوءَ جو ڪوئي ڪارڻ نہ آهي. اُهو سماج جا سڀ ليڪا

لنگهي ويجي ٿو. ڪنهن سان ملي ڪائي بنسري جي پُڪار اچي ٿي ۽ سهٽي اهو نہ ٿي ڏسي تہ گهڙو پڪو آهي يا ڪچو آهي ۽ لهرون هن کي زنجير وانگر چڪي ميهار جي پيرن وٽ اُڇلن ٿيون!

”ڇي، ڇي، ڇي، هڪ وئشيا سان!“ مون کي تارا ميرچندآڻيءَ جي ڪتاب غالباً ”هٽ يوڳيءَ“ مان هڪ جملو ياد آيو! هن سان منهنجي قلمي دوستي هئي، جڏهن هوءَ واراڻسيءَ ۾ رهندي هئي، جنهن جهڙيون ياترا لاءِ بيون جايون ڀارت ۾ ڪونہ آهن. جتي ڪيئي مندر آهن ۽ جنهن جا گهاٽ گنگا جي ڪناري صدين کان آهن. ٻُڌو، واراڻسيءَ لڳ پنهنجو اُپديش ڏنو هو ۽ مها ڪوي تُلسي داس واراڻسيءَ جي گهاٽن تي ويهي لکيو هو.

مشهور ناول نگار منشي پريم چند واراڻسيءَ لڳ رهندو هو. منهنجي دوست لڇمڻ ڪومل هن تي اردوءَ ۾ ڪتاب ”قلم کا سپاهي“ مون کي تحفي طور موڪليو هو.

تارا ميرچندآڻي، پوني ۾ مُون کي ريٽا شهاڻيءَ جي گهر ملي. مون کي خبر نہ آهي تہ هوءَ واراڻسيءَ (بنارس) جهڙي خوبصورت تاريخي شهر کي ڇڏي، پوني ۾ ڇو مستقل طور اچي رهي. نہ رڳو غالب واراڻسيءَ (بنارس) تي فارسيءَ ۾ ڏاڍي پياري مثنوي لکي هئي، پر پارسيءَ جي علي حزين ان تي هڪ شعر بہ لکيو هو جو ڪافي مشهور آهي:

*از بنارس نہ رَوَم، معبد عام است اين جا،*<br>
*هر برهمن پسرے ڇِهمن ورام است اين جا.*

(مان بنارس ڇڏي نہ ٿو وڃان، ڇو تہ هتي عام عبادت گاهہ آهي، هتي هر برهمڻ لڇمڻ ۽ رام جو پُٽ آهي.)

مون کي پنهنجو دوست رئوف قريشي ياد ايندو آهي، جو سولجر بازار جي چيڙي وٽ رهندو هو. هڪ ڀيرو مون هن کي فرانسيسي ائرسٽوڪرئٽ مادام استيل جي چوٽي ٻُڌائي تہ، ”مون کي خوشي آهي تہ مان مرد نہ آهيان، نہ تہ مون کي ڪنهن مرد سان مجبوراً شادي ڪرڻي پئي ها.“ رئوف جواب ڏنو تہ ”اها فرانس جي هئي، سنڌ ۾ تہ هر مرد کي مجبوراً شادي ڪرڻي پوي ٿي، پر مون ڪنهن بہ فرانسيسيءَ کان وڌيڪ آزاد ۽ رنگين زندگي گذاري آهي.“ هن وڌيڪ چيو تہ ”مون کي شهرت نہ گهرجي، مون کي محبت گهرجي ۽ ان لاءِ خلوت درڪار آهي. جلسا جلوس، نعريبازي، مشتعل هجوم

مون کي نہ وڻندا آهن. مون کي تہ هڪ ڪمرو گهرجي، هڪ نہ ٻي پياري عورت، شراب ۽ ڪباب جي موجودگي گهرجي. دنيا وجي کڏ ۾ پوي. هيءَ مختصر جواني ان جي شور وشر ۾ گذاري ڇڏڻ عبث آهي.“

مان ايم.اين.راءِ جي فيڊريشن آف ليبر جي سيڪريٽري جنرل ڏوي ۽ هڪ ٻئي رائسٽ ڪامريڊ سين سان گڏ رهندو هوس. ڏوي دنيا کان بي نياز انسان هوندو هو. هو ۽ فيڊريشن جو صدر ڪامريڊ خطيب شام جو ٽري جي اڌ اڌ بوتل پيئندا ها ۽ ڪامريڊ ڏوي نڪر ۽ پلاسٽڪ جو چپل پائي نيپئر روڊ تي نڪري ويندو هو جتان سيخ ۾ پڪل جيرا، نان ۽ ڪپيل بصر ۽ ڦودني جي چٽڻي وٺي ايندو هو جي هو مزي سان ڪائيندا ها. مان ٽرو نہ پيئندو هوس ۽ نہ ڪامريڊ سين پيئندو هو. ڪامريڊ ڏوي مون کي ٻڌائيندو هو تہ بينگال ۾ ڪنهن وقت هر گهر مان ٽيون ماڻهو قيد ۾ هوندو هو يا تہ ڦاسيءَ تي هوندو هو. غالباً اها ڳالهہ چاٽگام جي انقلابين واري دؤر جي هوندي هئي. هن مون کي ٻڌايو تہ، ”آزادي هوليءَ وانگر رت جي پچڪارين سان ايندي آهي.“ هو بهارين لاءِ بہ چوندو هو تہ هو ڏاڍا خطرناڪ ويڙهاڪ آهن ۽ هنن جو جنگ جو نعرو ”تارا رارا هست ريڪا.“

هو ڪنهن فارماسيوٽيڪل فرم جو ايجنٽ هو ۽ آرام جي زندگي گذاريندو هو. هو چوندو هو تہ، ”هڪڙا شڪاري ڪُتا ويندا تہ ٻيا ايندا، شڪاري ڪُتي جي ذات اَمر آهي ۽ اُهي جنتا کي سهي وانگر ڊوڙائي ڊوڙائي، مُنڍيءَ ۾ چڪ وجهي ماريندا رهندا. ديسي شڪاري ڪُتا ۽ وديشي شڪاري ڪُتا سڀ هڪ جهڙا آهن ۽ عوام سهي وانگر ويسوڙو ۽ مت جو موڙهو آهي. لفظ آزادي فقط بنگال جي جادوءَ وانگر دلفريب ۽ بي معنيٰ لفظ آهي. اُهو لفظ اُهو الوپ پرندو آهي، جنهن جي پرواز جو آواز ٻڌي بہ اُن جي صورت نہ ڏسبي آهي. ڪنهن ناريءَ جا اُرهہ هٿن ۾ جهلي ننڊ ڪرڻ بہ هٿن ۾ جهلي جاڳڻ کان بهتر آهي. ايم.اين.راءِ اهو محسوس ڪيو آهي، پر چئي نہ ٿو سگهي، ڇوتہ هن جي ساري انقلابي زندگي کڏ ۾ وڃي ڪرندي ۽ هن جي پارٽي ٽٽي ويندي. هن وقت هو دارجلنگ ۾ رهي ٿو جتي هن جي ميڪسيڪن زال ايلن راءِ هن جو سهارو آهي، بورجوا زندگيءَ ۾ بہ ڪوتا ڪٿي وڃن ٿا ۽ انقلابي زندگيءَ ۾ بہ ڪوٽن جي جيت ٿئي ٿي. ڪي ڪي شاطر کيڏاري آهن، جي تاريخ جي روليٽ وِيل (Rolette wheal) کي پنهنجي

مرضيءَ موجب، هلائي ٿا سگهن. سچا ۽ سُپٽيا ماڻهو ماريا وڃن ٿا، ڪوڙا ۽ ڪُپٽيا ڪٿي وڃن ٿا. مان چوانءِ ٿو تہ تون پنهنجي ڪويتا لاءِ پنهنجو وقت وقف ڪر. اها توکي روح جي آزادي ڏيندي، جا ئي سچي ۽ سُڪائتي آهي.“

ٽرو پي، جنهن وقت خطيب ڏاڪڻ مان لهي ويندو هو تہ ڪڏهن دوي ڏاڪڻ جو در بند نہ ڪندو هو. هن وٽ هيو چا جو در بند ڪري! پڪل جيرا ۽ ٽرو هن جي پيٽ ۾ ڪات هٽي تہ ڪڍي نہ وڃن ها!

مان وري بہ لانگ جمپ ڏيان ٿو. سال 1976ع ۾ هوءَ مون وٽ پهريون پيرو ڏيٽ ويٽ لاءِ آئي هئي. ڪٽڪ رنگو چهرو. چيرويون اکيون، چپ اهڙا ڳاڙها جڻ انهن کي اکروٽن جي ڪَل لائي آئي هئي. مون هن جي رفتار جو ڍنگ ڏٺو. هن جا ٽڙا ٽَيا ٽَيا ڪري رهيا هئا، جڻ بلهي شاهہ جي ڪائي ڪافي ٽي لڳي. مون محسوس ڪيو تہ هرٽي ڪوڙڪيءَ لاءِ ڪُڏي رهي آهي ۽ آزادي هن کي هانوَ ٽي تور ٽي لڳي. جڻ هوءَ هيمنگ وي جي ناول ”ڪلمنجارو جي برف“ واري عورت هئي، جا هيرو جي زندگيءَ ۾ دير سان آئي هئي. مون هن جي لاءِ ۽ پنهنجي لاءِ چاءِ گهرائي ۽ پوءِ پاڻ وارو چاءِ جو اڌ پيتل ڪوپ هن ڏانهن وڌايو ۽ هن وارو اڌ پيتل ڪوپ هن کان ورتو ۽ ان مان چُسڪي پري، اُن وقت مون کي قراۃ العين ياد آئي. هُن مون وارو ڪوپ چپن ٽي آندو ۽ پي وئي.

هرٽي پاڻ ئي پنهنجي تنگ ڪوڙڪيءَ ۾ رکي ۽ اُن کي آجو ڪرڻ نہ چاهيو. ڪوئي ڪوئي دام هزار آزاديءَ جي برابر ٽيندو آهي.

هڪ ڏينهن ڪنهن جاءِ ٽي مان وسڪي پي رهيو هوس تہ هوءَ پنهنجيءَ سکيءَ سان اچي نڪتي. هن جي سکيءَ ايتري سينٽ لاتي هئي، جو هوءَ واءَ ۾ رات جي راڻيءَ جو جهلڪو ٽي لڳي. بہ چار گهڙيون هوءَ منهنجي آغوش ۾ ويٺي رهي، پر پوءِ مون مان هن کي ڪنهن اجنبي خوف جو احساس ٽيو ۽ مون کان موڪلائي سکيءَ سان گڏجي هلي وئي. مون هن کي بالڪنيءَ مان ڪيئي سَڏَ ڪيا، پر هوءَ رات جي اوندهہ ۾ گم ٽي وئي.

مون سوچيو تہ، ”جسم کان سواءِ عشق خوشبوءِ جو هڪ جهوٽو آهي. جنهن کي پوپٽ جا پر ڇهي نہ ٿا سگهن.“

ٻئي ڏينهن ٽي جڏهن هوءَ ڏينهن جو آئي، تڏهن مون هن کي چيو، ”آهستي لتاڙ ڇو تہ تون ڪنهن خواب کي لتاڙي رهي آهين. رات توکي مون

مان ڪهڙو خوف ٿيو هو؟ مون وسڪي پي مدهوشيءَ ۾ تنهنجا ڪُپا ٽي ڏنا، اهو نہ؟"

هن جواب ڏنو تہ، "نہ، تون ڇا ٿو سمجهين، مون وسڪي اڳ نہ پيتي آهي ڇا؟ هڪ ڀيري مان ڪنهن مائٽ ڏانهن پاٽيءَ جي جهاز تي سائوٿ آفريڪا وڃي رهي هيس، هڪ انگريز جو ڊيڪ تي چانڊوڪيءَ ۾ ٿهلندي منهنجو دوست ٿي ويو هو تنهن مون کي پنهنجيءَ ڪئبن ۾ اڌ رات تائين وسڪي پيئاري هئي. تون جو شاعر ٿي، جن کي اڻ ٺهنديءَ سنڌيءَ ۾ ڪُپا ٿو ڪوٺين، اُن وقت انگريز جي نظر ۾ بلور جا جام هيا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مان هاڻي وسڪي نہ پيئندي آهيان." اُن وقت هن جي ڦوهہ جواني هئي ۽ هن جي انگيءَ مان انار ڦاٽي رهيا ها.

مون سوچيو تہ ،"هوءَ جهاز جي ڊيڪ تي ساموندي هوا ۾ ڪيئن نہ ڀِڪندي هوندي! انهيءَ انگريز سان خوشگوار گفتگو هن کي ڪئبن ۾ وٺي وئي هوندي ۽ باقي ڪسر وسڪيءَ پوري ڪئي هوندي!" مون هن کان پڇيو تہ ،" تون ڪئبن ۾ انگريز سان اڪيلي هئينءَ؟" پر پوءِ پنهنجي سوال تي پڇتايو ڇو تہ مون کي ڪهڙو حق هو جو هن کان اهو سوال پڇان. چڱو جو هن منهنجو اهو سوال نہ ٻڌو هو ۽ منهنجي منهن تي بيجا حسد جي لمحاتي ڪيفيت نہ ڏٺي هئي. ڇا اهو ڪافي نہ هو تہ ڪجهہ وقت لاءِ هوءَ منهنجي زندگيءَ ۾ آئي هئي؟

هن چيو ،"هاڻي مان وسڪي چکندي بہ نہ آهيان ۽ مون کان وسڪيءَ جو ذائقو ئي وسري ويو آهي." هوءَ آمريڪن سينٽر مان ڪتاب وٺي نہ رڳو پڙهي رهي هئي، پر زندگيءَ ۽ اُن جي مسئلن تي ڪافي سوچيو هيائين. هڪ ڀيري هوءَ مون کي آمريڪن سينٽر ۾ ناول"جڙون" (Roots) تي فلم ڏيکارڻ لاءِ وٺي هلي هئي، جا ٽن قسطن ۾ هئي.هن جي سياهہ فام ماڻهن جي سياسي جدوجهد ۾ ڪائي دلچسپي نہ هئي. هن جو رايو هو تہ"اهي مسئلا عارضي آهن ۽ وقت سان حل ٿي وڃن ٿا،يا سانت سان يا خونريزيءَ سان. ماڻهو ۽ ان جا مسئلا ناپائيدار آهن. آرٽ ابدي آهي." هن چيو تہ ،"قديم آرٽ، جنهن کي پهاڙي ڪلا (Rock Art) چوندا آهن، سواتڙي لئنڊ کان وٺي آرينج نديءَ جي ڪناري تائين پکڙيل آهي. اهو ڏسي مون کي ائين لڳو هو تہ راڪ آرٽ جي تخليق انسان جي قديم ترين تخليق آهي. آرٽ پيار

وانگر آزاد آهي ۽ جيءَ مان جهرٽا ڪري نڪري ٿو اچي.“ مون هن کي ڏسي چيو”تون منهنجيءَ دل ۾ راڪ آرٽ وانگر اُڪري وئي آهين. پر تون هڪ زنده انسان آهين. توکي ڏسي دل ۾ اچي ٿو تہ مان بادل جو ويهاٽو رکي ليٽي پوان ۽ تنهنجا وار ڪارين گهٽائن وانگرپکيڙيل هجن ۽ ساري زندگي ائين گذري وڃي!“

”ساري زندگي؟“ هن چيو ، ”ڪوڙا! اها نهايت پراڻي ڪهاڻي آهي، توڙي نت نئين ٿي لڳي. نجد جي صحرا ۾ سج جڏهن نصف النهار تي هوندو، تڏهن مجنونءَ ليليٰ جي پچر ڇڏي، ڪوئي پاڻيءَ جو چشمو ڳوليو هوندو! الائي نظامي پنهنجي مجنون لاءِ هڪ ليليٰ جو سوچي آهي؟ دشت ۾ ليليٰ جي محمل لاءِ انتظار بہ هڪ وقت تائين آهي! مان پانيان ٿي تہ سفيد فام يا سياهہ فام، هڪ ليليٰ ئي ليليٰ جهڙي آهي. غالب ان ڪري عشق کي دماغ جو خلل ڪوٺيو آهي.“

وچ ۾ ئي ڳالهہ ٽپي آئي، هن چيو تہ ”راڪ آرٽ جا مون وٽ ٿي چار نمونا آهن، سي سڀ سپاٽي تو وٽ ڪٽي ايندس. توکي جيڪي وڻن، سي رکجانءِ!“ هن وڌيڪ چيو تہ، ”آفريڪا جي جديد مصوريءَ تي ڊچ، انگريزي ۽ فرانسيسي مصوريءَ جو اثر ٿيو آهي. دنيا ايتري ننڍي ٿي وئي آهي، جو هڪ ملڪ جو ٻئي ملڪ تي اثر ٿيندي ويرم نہ ٿي لڳي.“

هُن وڌيڪ پڇيو تہ ”آفريڪا ۾ فڪشن بہ سٺو ٿا لکن، تو تہ پڙهيو هوندو؟“

”هائو سي.ايم. ڪوئٽزيءَ جا ڪجهہ ناول پڙهيا اٿم. ”مائڪل ايڪس جي زندگي ۽ دؤر“(Life and times of Michel-X) مون جڏهن پڙهيو تڏهن خاص ڪري اُها سين، جڏهن هو جهنگ ۾ ڪدو پوکي رهيو هو، مون کي ڏاڍو وڻيو. نادين گورڊيمر (جنهن کي ڪجهہ سال پوءِ نوبل پرائيز مليو.) جا ناول بہ مون کي ڏاڍا وڻيا آهن، پر مون کي آفريڪا جي شاعري وڌيڪ وڻي آهي. آفريڪا جا ڪيترائي اديب ۽ آرٽسٽ جلاوطن ڪيا ويا هئا ۽ جلاوطنيءَ ۾ هنن خوبصورت آتم ڪهاڻيون لکيون آهن. مون هيمنگ وي جو ناول ”ڪلمنجارو جي برف“ ۽ آفريڪا ۾ شڪار تي ڪتاب بہ پڙهيا آهن.“

”مان بہ تہ تنهنجو شڪار آهيان، تنهنجي جيئري آتم ڪهاڻي آهيان، تون مون کي پنهنجو نہ ڪندين.“

”نہ اهو مون لاءِ ممڪن نہ آهي. مان اهڙي جڪ اڳ ۾ بہ ماري چڪو آهيان. شادي عشق جو پويون ڏينهن آهي.“

مون دل ۾ چيو:”سڀڪو وڃ سُرندڙي، وڃي ويرو تار. ان کي زياده ڇڪ ايندي تہ ٽٽي پوندو!“

هوءَ مايوس ٿي هلي وئي. مون هن کي شام جو رات جي راڻيءَ ۽ گلِ شبو جا ڇڳا تحفي طور موڪليا.

هن موٽ ۾ ساڳي پيامبيءَ هٿ مون کي راڪ آرٽ ۽ آفريڪي آرٽ جي ڪاٺ ۾ اُڪر موڪلي، جنهن ۾ هڪ آفريڪي جوڙو ڳل ملائي ويٺو هو جڻ تہ هڪ ٽاريءَ تي هڪ ٻئي لڳ بہ ڪارا گلاب ٽي لڳا. تحفو وٺي، مون کي هن جي منهن تي لاتل ڪريم جي خوشبو ۽ چمڙيءَ جي نرمي ياد آئي. اهڙي نرمي مون فقط سرنهن جي گلن ۾ ڏٺي آهي جي مند ۾ وڻ کي جهنجهي ڇڏيندا آهن.

هوءَ ننڍن فوٽن مان ٺهيل ديسي شراب وانگر ٿي لڳي، جو پاڳ ناڙيءَ ۾ هڪ هندو سيٺ مون کي پياريو هو جنهن جي ڪيس جي سلسلي ۾ مان اتي ويو هوس.

پاڳ ناڙيءَ جهڙو شراب مون اڄ تائين فقط چاٽگام جي ڪرنا ڦلي نديءَ پرسان چڪما ۽ ماگهہ قبيلن وٽ پيتو هو. شايد ان جو ذڪر مون ڪنهن ڪتاب ۾ اڳئي ڪيو آهي. ان جون بہ بوتلون مون کي تِري ديو راءِ ڏنيون هيون، جو ڪنهن وقت پاڪستان گورنمينٽ ۾ اقليتن جو وزير هوندو هو. هاڻي حافظ جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي.

عشقم بدستِ طوفان خواهد سُپرد حافظ
چون برق از کشاکش پنداشتی که رستی.

(اي حافظ! منهنجي عشق کي جڏهن پتو پيو تہ مان وڄ جي وڪڙ مان نڪري ويو آهيان، تڏهن هُن مون کي طوفان جي حوالي ڪري ڇڏيو.)

ڪجهہ وقت کان پوءِ هن کي ساري مون پنهنجي نوٽ بڪ ۾ شايد ڪنهن جو ترجمو لکي ڇڏيو هو.

”منهنجي دل هڪ زخمي فاختہ وانگر تڙڦي رهي آهي تو لاءِ،
جنهن مون تي رحم ڪائي، پنهنجا تير ترڪش ۾ موٽائي وڌا آهن.“

مون آمريڪا ۾ هفتي وار ”ٽائيم“ مئگزين ۾ هڪ مضمون پڙهيو تہ ”سائنس پيار تي ريسرچ ڪري آهي ۽ غصي ۽ خوف جا جذبا بہ سائنس جي ريسرچ هيٺ آيا آهن. انهن جي تورتڪ ڪئي وئي آهي ۽ اُن جي ماپ لاءِ وسيلا ايجاد ڪيا ويا آهن ۽ اُپاءَ ورتا ويا آهن. نبض جي دڪ دڪ، ساهہ جو اُتار چڙهاءُ، مُشڪن جي سوس واڌ، سوڙهہ ۽ گھٽاءَ ڪي جاچي ڏٺو ويو آهي ۽ اُن ازخود رِدعمل تي بہ غور ڪيو ويو آهي، جو ڪوريئڙي جي ڄار وانگر انساني جسم ۾ ڦهليل آهي. عشق ڪنهن اوزار تي اثر نہ ٿو ڇڏي ۽ انڪري اُهو ڪنهن تجربي هيٺ اچي نہ ٿو سگهي. عشق ڪنهن وقت سائنس کي اجايو ياسيو آهي. انسان پيار کان سوا بہ پرٽجي سگهن ٿا ۽ انساني نسل جي افزايش ڪري سگهن ٿا. اهي ٽڏا ساهہ، اهي ديوانگيءَ جا دورا، اهي غزل سَرايون کوجنا لاءِ ڪائي معنيٰ نہ ٿيون رکن ۽ دخل در معقولات ٿين ٿيون. اُن تي علمِ بدن ۽ علمِ انسان ۾ پهرين ڌيان نہ ڏنو ويو هو ۽ فضول سمجهي نظر انداز ڪيو ويو هو.“

ڪجهہ سال اڳ عشق جو ڪيميائي تجزيو ”ٽائيم“ رسالي ۾ ڇپيو هو جو تہ ايڊز (AIDS) جي بيماريءَ سبب، اتفاقي جنسي تعلقات جا نتيجا اُڦت تي نڪتا، مون کي اهو تجزيو ڏُکن تي ٻڌل نظر آيو. مون کي اجا ٽائين غالب سان اتفاق آهي:

عشق پر زور نہیں، ہے یہ وہ آتش غالب،
کہ لگائے نہ لگے، اور بجھائے نہ بنے.

مون ڪنهن ڪتاب ۾ لکيو هو:

ڪي ڪي اکيون اوپريون، توڙي ڄاڻ سُڄاڻ،
ڪي ڪي اکيون آرسيون، جن ۾ نينهن نياڻ،
ڇڪجي پنهنجو پاڻ، جَڙجي وڃن جيءَ ۾!

مان اجا ٽائين ان ڳالهہ تي قائم آهيان. عشق، موت ۽ خدا، ٽي اهڙا اسرار آهن، جي هن وقت ٽائين ڪنهن بہ نہ ڄاتا آهن ۽ نہ ڄاڻي سگهندو. دوِرِ جاهليت جي عربي شاعر اُمراءَ القيس جا عشق جا گيت جنسيات جي سرحد تي آهن: تن ۾ هو پنهنجي معشوقہ جي خيمي ۾ گهڙڻ، هن جي اُرهن ۽ رانن جو ذڪر ڪري ٿو. اجا ان کان اڳ ”سليمان جا گيت، جي بائيبل جو

حصو آهن. پڙهي چرڪ نڪري وڃي ٿو. هندوستان ۾ هزارين سال اڳ ڪالي داس، پڏيوتي ۽ انهن جي هم عصرن جي شاعري بہ ساڳي ريت هئي. وديا پتيءَ جي ڪويتا ۽ جئہ ديو جي گيت گووند ۾ بہ ساڳي ڪيفيت آهي.

مون وٽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آمريڪا مان ڊاڪٽر مارڪ ڪنهن سائنسي اداري جو بنياد وجهڻ آيو هيو. هڪ ڀيري هن پنهنجي گهر منهنجي رات جي ماني جي دعوت ڪئي هئي، هن جي خوبصورت آمريڪن زال اسان کي گلاس ڀري ڀري ڏنا. اسان آمريڪا ۾ جنسيات جي موضوع تي گفتگو ڪري رهيا هياسين.

ڊاڪٽر مارڪ زال ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايو تہ، ”شاديءَ رات هوءَ ڪنواري هئي. مون بستري تي چادر ڏسي، ڪيس غصي ۾ اچي چيو هو هي ڪم بہ مون کي ڪرڻو هو تو هن وقت تائين ڇا ٿي ڪيو؟“

مون اڳي ڪٿي لکيو آهي تہ خطِ جدي ۽ خطِ سرطان (Tropic of Capricorn and Tropic of Cancer) جهڙن شاهڪارن سرگذشتن جي مصنف هينري مُلر کان ڪنهن صحافيءَ پڇيو هو تہ، ”هن جنسيات جي موضوع تي لکڻ چو ڇڏي ڏنو آهي؟“ تہ هن جواب ڏنو هو تہ، ”جنسيات جي معاملي ۾ دنيا ايتري آزاد ٿي وئي آهي، جو ان موضوع تي لکڻ اجايو آهي.“

مون کي حشو ڪيولراماڻيءَ عورتازاد تي هڪ ڪتاب ڏنو هو جنهن ۾ غالباً برٽرانڊ رسيل جي ڌيءَ نورا رسيل ۽ هڪ فرانسيسي اديبہ جا جارج سئنڊ جي فرضي نالي سان لکندي هئي، اُنهن جا مضمون هيا، جن ۾ انهن جون ڪجهہ اهڙيون سٽون هيون جي اسان جي سنڌي ذهن لاءِ گرائينڊر (Grinder) وانگر ثابت ٿينديون، پر اُهي مان پوءِ ٿو لکان. فرانس جي مشهور اديبہ فرانسوا ساگان چار پنج ناول لکي وڏيڪ لکڻ انڪري ڇڏي ڏنو جنهن ڪري هينري ملر ڇڏي ڏنو هو. ان کان اڳ مارڪس جي دوست اينگلز ”خاندان جو بنياد“ (Origin of Family) ڪتاب لکيو هو جنهن کي پڙهي اشتراڪيت پسند نوجوان مادر پدر آزاديءَ جا قائل ٿي ويا ها. پر پوءِ خبرپئي تہ ان ڪتاب ڪيترو نہ نقصان ڪيو آهي! خاندان ئي معاشري جو بنياد آهي ۽ جي خاندان ٽُٽي ويو تہ معاشرو ٽُٽي ويندو.

ڪئناڊا ۾ مستقل طور آباد ٿيل پاڪستاني پروفيسر پرويز احمد مون وٽ آيو هو ۽ هڪ ڀيري مون کي ٻڌايو هئائين تہ ڪئناڊا ۾ هر پاڪسانيءَ ۽

هندستانيءَ کي هِرڻ مِرڻ تي ڏاڍي تڪليف ٿي رهي آهي. ڪنهن ڇوڪريءَ دوا فروش جي دُڪان تان ڪنڊوم (Condom) ورتي، هن کي چيو تہ، "ان جو بل منهنجي پيءُ کي ڏياري موڪل!"

اهي ڳالهيون ڏيکارن ٿيون تہ مغرب جا جنسي قدر مشرق کان، خاص ڪري برصغير کان ڪيترو نہ مختلف آهن!

مشرق ۾ جنسيات کي ايتري اهميت نہ ٿي ڏني وڃي، جيتري عشق ومحبت کي. بِرصغير ۾ عورت چادر آهي، چار ديواري آهي، پٽرٽي آهي، سَوَڙ آهي. جي ڌيءَ آهي تہ سراپا حجاب آهي، ڀيڻ آهي تہ حياءُ آهي، ماءُ آهي تہ شفقت آهي. مشرقي عورت قدم قدم تي حياءُ آهي. عورت غير جي اڳيان شرم ۾ هوندي آهي، جا ڇهاءَ سان ڪومائجي وڃي ٿي.

پر ساڳي وقت هوءَ رابيل جي ڪنڊي بہ آهي ۽ گلاب جي ڇڄي بہ آهي. هن ۾ نازبوءِ، انب ۽ نم جي تازي ٻُور جي خوشبو آهي. برصغير ۾ اڪثر عورتون جسم کي روح جيترو مقدس رکن ٿيون. مغربي تهذيب ۾ ورلي ڪائي عورت ملندي، جنهن هڪ مرد سان لاڳاپو رکيو هجي. بِرصغير ۾ عشق جي انتها پسنديءَ جو مثال ستي لڪڙي آهي، جنهن جي باري ۾ زنِ هنديءَ جي عشق تي فارسيءَ ۾ شعر لکيا ويا آهن.

سارتري جي محبوبہ "سمون دي بُوار" سارتري سان ساري عمر بنا شاديءَ جي جواني گڏ گذاري، هڪ ڀيري هوءَ آمريڪا وئي تہ ڪنهن ناول نويس سان ايترو عشق ڪيائين، جو جڻ ڪنهن بحرِ بيڪران ۾ غرق ٿي وئي. فرانس موٽي اچي هن پنهنجي سهيليءَ کي ساري ڳالهہ ٻڌائي. جنهن کيس چيو "سمون! تو سارتري سان دغا ڪئي آهي!" ان تي سمون جواب ڏنو "ڪهڙي دغا؟ مون هن کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي."

فرانسيسي اديبا جارج سئنڊ چيو هو تہ، "زنا ان رات جو نالو نہ آهي، جا عورت يار سان گذاري ٿي، پر اُن ڏينهن جو نالو آهي، جو هوءَ مڙس سان گذاري ٿي." هتي هڪ عجب جي نشاني ڪافي نہ آهي، جا ان ڳالهہ جي آڏو ڏيان! اها ئي ڳالهہ آهي تہ زي. ٽي. وي جي هر چئنل تي خاص ڪري سنڌي عورت ناچ گانا ۽ فلم ڏسي لازمي طور مغرب جي آزاديءَ کي پسند ڪرڻ لڳي آهي، ڇو تہ بِرصغير ۾ عورت سراسر مظلوم آهي، پابہ زنجير آهي.

پر اُن آزاديءَ لاءِ رُغبت جي باوجود، مغرب ۽ مشرق ۾ محبت جي هڪ

چٽنگ آهي، جا اکين مان ٻين اکين ۾ چٽنگ ٻاري ٿي ۽ دل ۾ پيڙ پڙڪن ٿا. محبت ۾ دل ٺاٺ ڪري ٿي ۽ ڪافي وقت تائين اُتي برقرار رهي ٿي. اها ڪيميائي ڦير گهير تائين محدود نہ آهي، اها انسان ۾ شرافت نفسي، وفا ۽ خود قربانيءَ جا جذبا پيدا ڪري ٿي، جا نہ رڳو ناياب ڳالهہ آهي، پر ڪنهن بہ سائنسي تجربي کان بعيد آهي.

موت، محبت ۽ خدا، انسان جا اُهي مسئلا آهن، جنهن جو خاطر خواهہ جواب ڪوئي بہ ڏئي نہ سگهيو آهي. مان ڪنهن عورت جو نالو پرده نشين جي صورت وانگر لڪايان ٿو پر عشق ۽ مُشڪ لِڪي نہ سگهندا آهن.

مشرقي مزاج لاءِ هاڻي عصمت چغتائيءَ جو افسانو "لحاف"، منٽوءَ جو "ڪالي شلوار" ۽ راجيندر سنگهہ بيديءَ جو افسانو "ڪلياڻي"، هن دؤر ۾ ڪائي خاص اهميت نہ ٿا رکن ۽ فقط جنسي نا آسودگيءَ جو ڪارڻ آهن. اها بہ ڳالهہ آهي تہ تاريخ پلٽو کائي ۽ ڪائي طالبان جهڙي حڪومت اسان کي ماضيءَ جي مزار ۾ پوري ڇڏي، پر اها ڳالهہ ممڪن نہ ٿي لڳي.

مون لنڊن ۾ گيتا ۽ راج کي چيو هو تہ "مون هوٽل ۾ ڪالهہ رات جا بي.بي سيءَ تي فلم ڏٺي، اُها سراسر Pornography هئي. اهڙيون فلمون ٻار ڪئين ڏسندا هوندا؟" تہ هنن جواب ڏنو هو تہ "اهڙيون فلمون ڏهين بجي رات جو ڏيکاريندا آهن، جڏهن ٻار سُتل هوندا آهن." مٿي ڏنل اڪثر مثال مون مغرب ۾ فحاشيءَ ۽ عريانيءَ جا عورت زاد جي انتها پسنديءَ کي ڏيکارڻ لاءِ ڏنا آهن.

اها انتها پسندي هر جاءِ تي ٿي ويندي، جتي عورت جي آزاديءَ جو بنهہ انحراف ڪيو ويندو. دراصل جن معاشرن ۾ اها انتها پسندي آهي، اُهي رومن معاشري وانگر تباهہ ٿي ويندا. يحيٰ خان پاڪستان جو ڪٺلي گولا هو. اُنهيءَ جي زوال پاڪستاني معاشري کي بچائي ورتو.

ڪافي وقت کان مان انسان جي پاڪيزه محبت ۾ اعتبار ڪندو آهيان، ڇو تہ اُها وڌيڪ پائيدار آهي ۽ شاعريءَ جي تخليق ۾ وڌيڪ معاون آهي. هڪ غير قوم جي محبوبا لاءِ عاشق ڇڻ عنصري آرزو محسوس ڪري ٿو.

مان ڀانيان ٿو تہ رومان اُهو خواب آهي، جنهن ۾ بہ ماڻهو پنهنجي ڪائنات تخليق ڪن ٿا، ۽ جڏهن هو پيار ۾ ٽُٻ آهن، تڏهن وقت بيهجي وڃي ٿو. اهو جيءَ جو جادو آهي، نهہ پهہ آهي، جهٽ پٽ آهي. اهو فقط طلب

آهي، حاصلات نہ آهي. اهو رشتو ناتو گهٽ، روح جو ريلو وڌيڪ آهي. ڀٽائي اها ڪيفيت هيٺين بيت ۾ ڏيکاري آهي:

لوچان لوچان مَر لهان، شال مَر ملان هوت،
مَن اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين ماٺي ٿئي.

هوت ۽ لوچ توڙي هم قافيہ نہ آهن، پر هم ذائقہ ۽ هم وزن ضرور آهن. مون خود اهڙي ڪيفيت محسوس ڪئي آهي.

1812ع ۾ لکيل ڪتاب "ڊان جونِ" جي مصنف لارڊ بائرن جهڙي انتها پسند عاشق مزاج، يوناني جهاز جي تباهيءَ کان پوءِ شاعر جي محبوبہ هائڊيءَ جو ذڪر هيئن ڪيو آهي.

"اُنهن کي اڪيلي ڪناري تي نہ اکين جو پوڄ هو نہ ڪنن جو. اُنهن کي انڌاري رات جو خوف بہ ڪونہ هو. هڪ ٻئي لاءِ سڀ ڪجهہ هيا. جيتوڻيڪ اُها ڳالهہ ٽٽل ڦٽل لفظن ۾ هئي، پر انهن اهڙي ٻوليءَ ۾ سوچيو ٿي، جا هنن جي هئي ۽ ساريون جيئون جي ٻولن ۾ ٻُرنديون آهن. اُنهن جو اظهار اُنهيءَ ٻوليءَ ۾ هيو. اُهي ڪنهن ٻر ٻر ٻولڻهار جي ٿڌي ساهہ ۾ لڪل هونديون آهن. اهو پهريون پيار هو، جو حوا پنهنجي حادثي کان پوءِ پنهنجي هر ڌيءَ کي ورثي ۾ ڏنو آهي."

1821ع ۾ شيلي پنهنجي محبوبہ ايمليا وِواني جي باري ۾ هڪ نظم لکيو هو جنهن کي پڙهي آمريڪا جي مشهور ڊراما نويس يوجين اونيل لکيو آهي تہ، "مون هن کي سارون جي جزيرن جي باري ۾ ٻُڌايو.جتي رڳو هوءَ هئي ۽ آءُ هوس ۽ مون اُتي هن سان وڃڻ ٿي چاهيو پر اُهي جزيرا ضروري نہ هيا."

پئرس ۾ شاعر بودليئر کي پنهنجي محبوبہ ۾ مُشڪ جي خوشبو ۽ عاج جون رانون مليون. آرٽسٽ لاءِ سياست، الحاد، منشيات، تشدد يا عشق ۽ محبت ضروري آهن.

يوناني ڏند ڪٿا ۾ ائفرو ڊائٽي پئرس کي ايترو ديوانگيءَ جي سرحد تي پهچايو جو هن هيلن جي ڪري ٽراءِ کي مسمار ڪيو! رومانوي عشق هميشہ غم ۽ اندوهہ ۾ رهندو آهي ۽ جي اُن کي ڪائي مسرت بہ ملندي آهي، تڏهن بہ هو اُداس هوندو آهي، ڇو تہ رومانوي عاشق وقت جي ناپائداري ۽ تغير کي ياد ڪندو آهي ۽ موت هن جو يارو مددگار ٿي ويندو آهي. غالب

چيو آهي:

آغوش گل کشادہ برائے وداع ہے،
اے عندلیب چل کہ گئے دن بہار کے

تھا خواب میں خیال سے دل کو معاملہ،
جب آنکھ کھُل گئی تو زیاں تھا نہ سُود تھا

قید حیات و بند غم اصل میں دونوں ایک ہیں
موت سے پہلے آدمی غم سے نجات پائے کیوں؟

يا مير درد جا هيٺيان شعر:

دل کے ویرانے کا کیا مذکور ہے،
یہ نگر سو مرتبا لوٹا گیا۔

دم آخر ہے بیٹھ جا، مت جا،
صبر کر، ٹک کہ ہم بھی چلتے ہیں.

منهنجيءَ شاعريءَ ۾ اها اُداسائي ڪٿي نہ ٿي ملي.

مون وٽ عشق سانوڻ جي مينهن وانگر آيو آهي ۽ ولهار وسائي ڇڏيا اٿائين. هر پيري آسمان مون تي گلن جي ورڪا ڪئي آهي. عشق مون وٽ رُج ۾ هرڻ وانگر نہ آيو آهي، پر گهنگهور گهٽا ۾ مور وانگر آيو آهي. قيدِ حيات ۽ بندِ غم مان نجات ٿي آيو آهي ۽ شاعريءَ جا انبار لڳائي ڇڏيا اٿائين.

مون پوين عشق ڪنهن جوان ڇوڪريءَ سان ڪيو. جا منهنجي گفتگو ٻڌي مون تي موهت ٿي پئي. هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ منهنجي ڊرائينگ روم ۾ ويٺي هئي، ٻاهران برسات پئجي رهي هئي، تڏهن هن مون کي چيو تہ "مان هيٺان ڪٿان گهر فون ڪري جيپ گهرائڻ چاهيان ٿي." هن منهنجو فون ڪنهن خاص سبب ڪري استعمال ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. مان هن سان گڏجي هيٺ ويس تہ زوردار برسات پئجي رهي هئي ۽ هوءَ رات جي راڻيءَ وانگر مهڪي رهي هئي. جيستائين بيڪريءَ تائين پهچون، جتي ٽيلفون مهيا هو، هن جو سارو بدن پسجي ويو ۽ هن جي چولي مان ڪچا ايرائون ظاهر ٿي رهيا هئا. مينهن هن جي نهايت خوبصورت وارن ۽ مُنهن

تان لارون ڪري وهي رهيو هو. بيڪريءَ تان هن پنهنجي گهر جيپ موڪلڻ لاءِ فون ڪيو. هن جو مينهن ۾ چليل ڪيلي جي رنگ جهڙو چهرو ۽ بيد مجنونءَ وانگر ڳڙندڙ وار دل ۾ ايترو ڪُپي ويا، جو مان پندرهن راتيون جاڳي شاعريءَ جو پورو ڪتاب ”چوليون ٻوليون سمنڊ جون“ لکيو. هڪ ڀيري هوءَ زرينا جي عدم موجودگيءَ ۾ منهنجي فلئٽ ۾ آئي ۽ سڌو منهنجي بيڊ روم ۾ هلي وئي. مون هن ۾ حسرت موهانيءَ واري هينئين ڪيفيت محسوس ڪئي:

اک لرزش خفی میرے سارے بدن میں تھی

پر مون هن جي الهڙ پٽي، ابوجهائيءَ ۽ ڇڪ کي ٻاجهہ سان ڏٺو ۽ هن کي ڇُهيو بہ نہ. مان ڀانيان ٿو تہ جي مان ائين ڪرڻ چاهيان ها تہ هوءَ مون کي روڪي نہ ها.

هڪ ڀيري زرينا جي موجودگيءَ ۾ هن جي فون ڪال آئي تہ، مون هن جي باري ۾ جيڪي بدر ابڙي جي رسالي ”روح رهاڻ“ ۾ نظم ڇپايا ها، اُهي ڪيس فون تي پنهنجي آواز ۾ پڙهي ٻڌايان. مون زرينا جي موجودگيءَ ۾ ائين ڪرڻ نامناسب ڄاتو. زرينا کي اڳيئي شڪ هو تہ هوءَ منهنجي چوڏاري نئين پنيوريءَ وانگر ڦري رهي آهي. مون اوچتو فون رکي ڇڏيو. ان کان پوءِ هُن هڪ ڀيرو مون کي روزاني برسات جي دفتر ۾ فون ڪيو پر يوسف شاهين جي موجودگيءَ ۾ مون هن سان مٺي آواز سان گفتگو مناسب نہ ڄاتي. فون رکي ڇڏيم. شايد، اُن کان پوءِ هوءَ مون سان آغا جي سپُر مارڪيٽ ۾ ملي هئي. پر ڪنڌ جهڪائي هلي وئي هئي. مون کي شڪ آهي تہ هوءَ مون کي ٻئي ٽئين ڏينهن فون ڪندي آهي ۽ جڏهن مان ٽيون ڀيرو ”هيلو“ ڪندو آهيان تہ هوءَ ڪوئي جواب نہ ڏيندي آهي ۽ فون رکي ڇڏيندي آهي. هڪ ڀيري هن فون ڪيو جو زرينا کڻي مون کي ڏنو مون هن جو وايولن جهڙو آواز سڃاتو.

هن پڇيو تہ، ”هي فلاڻو نمبر آهي.“

مون چيو تہ، ”هائو.“

هن وڏيڪ پڇيو، ”ڇا اوهان اياز صاحب تا ڳالهايو؟“

جڏهن مون چيو هائو، تڏهن هن ”سوري رانگ نمبر“ چئي فون رکي

چڙيو. مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي تہ هوءَ منهنجي قفس مان آزاد ٿي چُڪي هئي. اُن کان پوءِ هن جو چهرو ٻين خوبصورت آشنائن جي چهرن سان مليو، هڪ گل دستي ۾ سمائجي ويو.

انگريز شاعر ڪيٽس (Keats) پنهنجي محبوبہ جي موت تي چيو هو ”هو هن سان هميشہ لاءِ محبت ڪندو رهندو ۽ هوءَ هميشہ خوبصورت رهندي“

”منهنجي جوان محبوبا! خدا توکي عمر دراز عطا ڪري. مون توکي اڳيئي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. اي ڪاش تون منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪجهہ سال اڳي اچين ها!“

مشرق ۽ مغرب جي ادب ۾ عشق جا اهڙا هزارين مثال آهن. اهو رومانوي عشق، پوءِ ان ۾ غم هجي يا سرخوشي، اسان اڄ تائين محسوس ڪريون ٿا. اُها آگ، جا لڳائي نہ ٿي لڳي ۽ ٻجهائي نہ ٿي ٻُجهي، جا هر پابنديءَ جي خلاف ٻن دل وارن جي سازش آهي، قانون شڪني آهي، پيءُ ماءُ جو ناراضپو آهي، معاشري سان بغاوت آهي ۽ پنهنجيءَ ڪيفيت جو برملا اظهار آهي، انسان کي آزاديءَ جو شعور ڏئي ٿي ۽ اُن لاءِ انسان سر جي بازي لڳائي وجي ٿو. اها ڪيفيت چانڊوڪيءَ جي دنيا آهي، ٻن ۾ چانڊوڪي آهي، جنهن ۾ ڪوئليون ڪوڪنديون آهن.

1963ع ۾ منهنجي دوست تيرٿ وسنت مون لاءِ اڳڪٿي ڪري چيو هو تہ، ”توکان عشق اهي جوکا کٽائيندو جي سنڌي سماج کي ڏوڙي وجهندا.“

اڄا تائين اها روماني ڪيفيت اسان کي موسيقي، فلمن، ٽي وي، شاعريءَ، ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ ملي ٿي.

هاڻي سائنس انهيءَ ڳالهہ تي اولڙو وڌو آهي. ڇا اهو سڀ انساني جسم ۾ ڪيميائي اجزاءَ جو ڪمال آهي؟ اهي سڀ ڪيفيتون سائنس ڪيئن سمجهائي سگهندي؟ ڇا منهنجي شاعري ڪيميائي اجزاءَ جي ڦير گهير اُتار چڙهاءَ جي تخليق آهي؟ مان موت جي بستري تي بہ لکندو رهيو آهيان. جڏهن مون وٽ پنا نہ هوندا ها، تہ مان پرسڪرپشن ۽ بورڊ جي چارٽن تي لکندو هوس. اهي چارٽ مون وٽ اڄا تائين موجود آهن. انهن ۾ ساڳي مسرت ۽ سرخوشي آهي.

سائنسدان چون ٿا تہ انسان ۾ اهي ڪيميائي جُزا ٻن عاشقن کي

سيلاب وانگر لوڙهي وڃن ٿا ۽ پوءِ هنن جا پير ڪڏي وڃهن ٿا. جڏهن هو هڪ ٻئي سان ملن ٿا. جڏهن اڪيون اکين سان ملن ٿيون يا ڪنهن مان خوشبوءِ جي انوکي ڇاٽ اچي ٿي، تڏهن اُها ڪيفيت، جنهن کي اسان عشق چئون ٿا، انسان جي دماغ ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ وچ وانگر هن کي وڪوڙي وڃي ٿي، مُنهن ڳاڙها ٿي وڃن ٿا، هٿن جون ترِيون پگهرجي وڃن ٿيون، ساهہ گهُٽجڻ لڳي ٿو. هاڻي حياتيات جا ماهر چون ٿا تہ اها ساري جوار ڀاٽا مٿي ذڪر ڪيل ڪيميائي جُزا پيدا ڪن ٿا. سائنس دان چون ٿا تہ اهي جزا جڏهن گهٽجي وڃن ٿا، تڏهن عشق پوٺو پئجي وڃي ٿو. هو اهو سمجهائي نہ سگهيا آهن تہ لکين انسان ڇڏي، ڪوئي هڪ انسان کي ڇو ٿو چونڊي ۽ هن سان محبت ڇو ٿو ڪري ۽ جڏهن هُو دنيا مان گذاري وڃي ٿو تڏهن هن کي سڄي عمر ياد ڇو ٿو اچي؟

هو اهو بہ سمجهائي نہ سگهيا آهن تہ هن جي ياد سدائين ترو تازه ڇو آهي؟ نہ هو عشقِ حقيقيءَ جي باري ۾ ڪجهہ سمجهائي سگهيا آهن تہ خدا سان ڪوئي رابعا بصريءَ، سينٽ ٽيريسا ۽ ميران ٻائيءَ وانگر محبت ڇو ٿو ڪري؟ نہ هو سينٽ فرانسز آف اسيسيءَ جي اُنهن ڦٽن جي باري ۾ ڪجهہ ڏسي سگهيا آهن، جن جهڙا ڦٽ يسوع کي صليب تي ٿيا ها، جڏهن هن کي ڪوڪا هنيا ويا ها. نہ هو سرمد جي پٺيءَ تي ڪوڙن جا نشان سمجهائي سگهيا آهن، جي هن جي هندو معشوق کي ننڍي ۾ هنيا ويا ها!

سائنس کهڙي بہ جک ماري، محبوبا جي منهن تي رابيل جهڙي مُرڪ ۽ هن جي اڇي گلاب جي گل جهڙو چهرو دل ۾ سدا محفوظ رهي ٿو. عشق شاعريءَ جي غذا آهي، پوءِ اُهو گهڙيءَ لاءِ هجي يا سالها سال لاءِ هجي.

اناران جو معصوم چهرو، جنهن وقت مون کي ياد ايندو آهي، تنهن وقت فارسيءَ جو هڪ شعر دل تي تري ايندو آهي:

حيف در چشم زدن صحبتِ يار آخر شد،
روءِ گل سير نہ ديديم وبهار آخر شد

(حيف جو اکبوٽ ۾ يار جي صحبت ختم ٿي وئي، گل جو منهن اڃا ڍَوَ ڪري ڏٺو ئي نہ هو تہ بهار ختم ٿي ويو.)

منهنجي اڪثر شاعريءَ جو محرڪ جذبو عشق آهي، جو انسان جو

اعليٰ ترين جذبو آهي. اهو تصوراتي نہ آهي ۽ اُن جا بنياد حقيقت ۾ آهن ۽ مون کي اُن جون يادگيريون نہ هجن ها تہ موت کي ڏِڪو ڏئي، اُن کان ڇهہ پيرا ٻانهن ڇڏائي نہ سگهان ها!

آخري فاتح موت آهي، پر عشق هن کي گوهي ڏئي سگهي ٿو. مان موت سان ڪوڏيءَ ڪوڏيءَ راند کيڏندو رهيو آهيان ۽ هو اجا مون کي ڏڪ هڻي نہ سگهيو آهي. ڇهہ پيرا هارائي، جي هو ستين پيري کٽي وڃي تہ وڏي ڳالهہ نہ آهي! دراصل بيماريءَ جي بستري تي مان اُنهن يادگيرين ۾ گم هوندو آهيان، جي هڪ اوچي قلعي وانگر آهن، جنهن جي ڪُنگري تي موت جو ڪمند پهچي نہ سگهندو آهي. يادگيريون مون لاءِ ديوارِ چين وانگر آهن، اجا تہ اُها موت ٽپي نہ سگهيو آهي.

اها ئي ڳالهہ آهي تہ شاعريءَ ۾ عشق کان پوءِ منهنجو مرغوب موضوع موت رهيو آهي. عشق سان سنمک (مثنيٰ (Counter part) حسن رهيو آهي، زندگيءَ سان موت، ازل سان ابد، اهي ٽئي منهنجي شاعريءَ کي اُتساهہ ڏياريندا رهيا آهن، جنهن کي هڪ الهامي ڪيفيت هوندي آهي.

مون کي حافظ وانگر يقين آهي تہ:

هرگز نہ ميرد آنکہ دلش زنده شد بہ عشق،
ثبت است بر جريدهء عالمِ دوامِ ما.

(اُهو هرگز نہ مرندو جنهن جي دل عشق زندهہ ڪئي آهي ۽ عالم جي ڪتاب ۾ اسان جو دوام لکيل آهي.)

نہ ڄاڻان هيٺيون نثري نظم منهنجو آهي يا ترجمو آهي:

”آه! هو ڳاڙها صوف
هو تنهنجا رُخسار
جن مان منهنجي ياد،
شراب ڇِڪائي رهي آهي.“

پر هيٺيون نثري نظم تہ پڪ منهنجو آهي:

”جڏهن ڳوڙها سُڪي ويندا آهن،
۽ ناڪُٺا پنهنجي ٻيڙيءَ کي گهاٽ تي ٻڌندا آهن،

جڏهن ڀاٽيءَ جا پکي واهيرن ڏانهن ورندا آهن،
۽ ٻارن جا ٽهڪڙا سانت ۾ سمائجي ويندا آهن،
جڏهن ڏکڻ جي هير تنهنجي دامن وانگر لڳندي آهي،
۽ رات منهنجن زخمن تي مرهم رکندي آهي،
مان توکي ڳوليندو آهيان منهنجي شاعري!
تون جا مون کان وڃائجي وئي آهين!“

اها شاعري مون ڏانهن ڪيترا ويس وڳا پائي آئي آهي. ڪيترا رنگ روپ وٺي آئي آهي؟ ”پؤنر پري آڪاس“ ۾ مون لکيو هو:

حسين هن جهان ۾ بہ ڇا ڇا هيا!
ڏنو سي چتائي تہ پاڇا هُيا!

محبت جي باري ۾ زندگيءَ جي تجربي، مون کي ڪجھ ڳالهيون سيکاريون آهن. انهن جو ڪجھ تجزيو ڪري سگهجي ٿو:

1. محبت اُنهيءَ سان ڪري سگهجي ٿي، جنهن لاءِ توکي عزت آهي ۽ ٻيو اُنهيءَ سان جنهن سان تنهنجو عشق آهي. پهرينءَ محبت ۾ پوئين محبت وانگر ديوانگي نہ هوندي آهي.

2. جا ڳالھ ڪائونٽ ليو ٽالسٽاءِ اڳئي چئي آهي تہ: ”اهو چوڻ تہ تون هڪ انسان کي سڄي عمر پيار ڪري سگهندين، اُهو ائين آهي، جيئن چئجي تہ هڪ ٿي شمع تنهنجي ساري زندگيءَ لاءِ ٻرندي رهندي.“

3. محبت شاعريءَ جي تخليق جو باعث آهي. مون هڪ ڊائريءَ ۾ هيٺيان لفظ لکيا آهن.

”مان نديءَ جي ٻئي ڪناري تي هليو ويس ۽ فيڊر واھ ٽپي، سٽين جي اسٽان تي پهتس، جتي وڻن تي چانڊوڪي ڇانيل هئي. مون سرسوتيءَ جي اُنهيءَ آڳر کي پڪڙيو جنهن سان هوءَ ستار وڄائيندي آهي. اسٽان تائين جيڪا مون سان گڏ هئي، هُن کي غيب جي اسرار ۾ غرق ٿو ڪريان.“

4. ٻيءَ ڊائريءَ ۾ مون ڪٿي لکيو آهي تہ ”گلِ سوسن جي خوشبو منهنجي دريءَ مان هلي آئي ۽ مون ندي ڏٺي، جا گلن پٺيان گجگوڙ ڪري رهي هئي!“

جي ٻيو ڪجھ ياد آيو تہ پوءِ لکندس. غالب وانگر:

جی چاہتا ہے پھر وہی فرصت کی رات دن
بیٹھے رہیں تصورِ جاناں کئے ہوئے.

منهنجيءَ شاعريءَ کي فقط غمِ جانان نہ اُتساهيو آهي، غمِ دوران بہ ان تي اثر انداز رهيو آهي، جنهن صديءَ ۾ مان پيدا ٿيو آهيان، تنهن بہ منهنجي شاعريءَ کي متاثر ڪيو آهي. هيءَ صدي سراپا بدي آهي ۽ چنگيز هلاڪو تيمورلنگ ۽ هني بال جي صدين کي بہ مات ڏئي وئي آهي. هيءَ صدي ڪيتري نہ بي ترس ۽ خون پياڪ صدي آهي! مان هڪ مثال ڏيئي پيرائتي ڳالهہ ٿو شروع ڪريان.

جڏهن انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽن جو قتلِ عام ٿيو هو تڏهن نہ رڳو درياهن جي پاڻيءَ جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو هو پر ايترا لاش پاڻيءَ ۾ اُڇلايا ويا ها، جو درياهن جو وهڪرو بند ٿي ويو هو. اهي مُلڪ، جي ان ڳالهہ تي ٿيڳرندا ها تہ تام پين (Tom pain) جي ورجايل انساني حقوق جا هو ئي محافظ آهن، جي اظهار جي آزاديءَ تي بندش ۽ قتلِ عام جا الزام اسٽالن تي هڻندا ها. تن ہڙڪ نہ ہاڪي. جيئن بربريت جي دؤر ۾ هر قوم، دشمنِ قوم کي واجب القتل سمجهندي هئي، ائين سامراجي ۽ سرمايہ دارانہ بلاڪ، نہ رڳو خوش ٿيا، پر ڪميونسٽن جون خون ڏسي خمار ۾ اچي ويا. هنن کان رحم ۽ بخشش جا مسيحي قدرَ وسري ويا. پر اها 1917ع واري انقلاب کان گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي.

برِصغير ۾ 3 مارچ 1923ع تي منهنجي جنم ڏينهن کان ڏهاڪو سال پوءِ مهاتما گانڌي آفريڪا ۾ تشدد کان سواءِ پنهنجي جدوجهد ڪاميابيءَ سان پوري ڪري چڪو هو جا ڳالهہ مون انٽرميڊيئٽ ۾ پڙهي هئي. اُتان جو گورنر جنرل سمٽس (Sumts) ڪرستان بہ هو ۽ هڪ شريف ماڻهو بہ هو پر گانڌيءَ جو وڏو دشمن بہ هو ۽ هن کي ۽ هن جي پوئلڳن کي ڪيئي ڀيرا گرفتار ڪيو هيائين. گانڌيءَ کي پوءِ بہ هن تي ڪاوڙ ڪانہ هئي.

هن سُمٽس کي چاڪڙين جو تحفو موڪليو هو جي هن جيل ۾ پاڻ ناهيون هيون. ٽئگور هن لاءِ چيو هو تہ، ”فقيرن جي ويس ۾ هو هڪ وڏو انسان هو.“ گانڌيءَ آفريڪا مان موٽي سابرمتيءَ جي ڪناري وڏو آشرم ناهيو هو جا حيدرآباد دکن کان ڪجهہ ميلن تي هئي ۽ اُن تي ”سابر متي

ستيا گرهہ“ جو نالو رکيو هو. آرٿر ڪوئسلر پنهنجي ڪتاب “The Lotus and the Robot” (ڪنول ۽ روبوٽ) ۾ لکيو آهي تہ هندستان ۾ هڪ ڪتاب ڇپيو هو جنهن ۾ لکيل هو تہ ”توڙي هو برهم چاري هو هو آشرم ۾ پاڻ سان گڏ ڪنواريون ڇوڪريون سمهاريندو هو. اهو پرکڻ لاءِ تہ هن جو نفس ڪيتري قابوءَ ۾ آهي.“ انهيءَ ڪتاب جي هر ڪاپي ڪانگريس خريد ڪري تباهہ ڪري ڇڏي. مون کي آرٿر ڪوئسلر جي ڳالهہ تي شڪ نہ آهي، جنهن ”منجهند جو اوندهہ“ (Darkness at Noon) جهڙو بي باڪ ڪتاب لکيو هو. سابرمتي آشرم ۾ پنجويهہ ماڻهو رهندا ها. مون تازو مرحوم اختر حُسين راءِ پوريءَ جي بيگم حميده بانوءَ جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ پڙهيو هو تہ جڏهن هو سابرمتيءَ آشرم ۾ ڪنهن ڪم سان ڪجهہ وقت لاءِ وئي هئي، تڏهن هُن مشهور ٿياسافسٽ ائني بيسنٽ کي پڌر ۾ ٻهاري ڏيندي ڏٺو هو. اهي پنجويهہ ماڻهو اهنسا جي مٽي ۾ اٽل ويساهہ ڪندا ها، پنهنجو کاڌو پيتو پاڻ ڪندا ها، پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڌوئيندا ها ۽ برهم چريہ جو پالن ڪندا ها. گانڌيءَ مغربي تهذيب کي لت هنئي هئي.

هُو ڌوتي ۽ چاکڙيون پائڻ لڳو هو. جي هندستان جا هاري پائيندا ها. ان ڪري گانڌيءَ کي سابرمتيءَ جو سنت ڪوٺيندا هئا. آمريڪا جي هڪ اديب لوئي فشر گانڌيءَ تي هڪ ڪتاب لکيو هو جو مون ڪاليج جي زماني ۾ پڙهيو هو ۽ مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هئائين. فيض احمد فيض، لوئي فشر سان منهنجي ملاقات راولپنڊيءَ جي انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ڪرائي هئي. هن جي ڪتاب مون ۾ گانڌيءَ لاءِ عزت پيدا ڪئي هئي. گانڌي هر ڪنهن کي اهنسا جو سبق ڏيندو هو جيتوڻيڪ ڪنهن وقت اهو اجايو ۽ بيڪار ثابت ٿيندو هو. مثال طور: هن يهودين کي مشورو ڏنو هو تہ ”جي هڪ يهودي يا سڀ يهودي هٽلر جي مخالفت اهنسا (Civil Resistence) سان ڪندا، جيئن اسان ڪري رهيا آهيون تہ اُها هنن کي اندروني سگهہ ڏيندي ۽ کين وڏيڪ بُرو وقت ڏسڻو نہ پوندو. مون کي پڪ آهي تہ اُنهن مان ڪوئي دليريءَ ۽ درو انديشيءَ وارو شخص ايرندو ۽ اُنهن ۾ مايوسيءَ جو سيارو اُميد جي اونهاري ۾ بدلجي ويندو.“ ڇا نہ صلاح آهي؟ بگهڙ اڳيان سهي جي اهنسا ۽ سهي جو هيٺو آهي، ڏِنَل آهي، جنهن ۾ اها سگهہ بہ نہ آهي تہ ڀڄي سگهي!

اُن کان اڳ گانڌيءَ انگريزن لاءِ ائمبيولينس يونٽ (Ambulence

(Unit) ناهڻ ۾ مدد ڪئي، جيئن انگريز سرڪار آفريڪا ۾ بُوئر وار (Boer War) کي دٻائي سگهي. هندستان حيدرآباد دکن تي زبردستيءَ قبضو ڪيو تہ گانڌيءَ ان ڳالهہ جي حمايت ڪئي.

منهنجو دوست سبط حسن، جو بہ ڪافي وقت حيدرآباد ۾ رهيو هو، اُنهيءَ کي آل انڊيا ڪميونسٽ پارٽيءَ پاڪستان موڪليو ئي هتي پارٽي ناهڻ لاءِ هيو پر هو حيدرآبادي حلقي جي مرزا ظفر الحسن وغيره کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو ۽ اندرينءَ سنڌ سان ڪوبہ رابطو قائم ڪري نہ سگهيو. دراصل هندستان جو اُردو اديب، پهرين اردو اديب هو پوءِ مسلمان ۽ پوءِ پاڪستاني ڪميونسٽ هو. دراصل اردو اديب جي پاڪستان جي ادبي تخليق ۾ دلچسپي انڪري هئي، جو هن ڄاتيو هو تہ پاڪستان ۾ اردوءَ جي ترقي ۽ ترويج وڏيڪ تي سگهندي. هنن اهو وساري ڇڏيو تہ قومي ٻوليون مڙهي نہ سگهبيون آهن ۽ اُهي صدين جي ارتقا مان گذرنديون آهن. اُردوءَ جون بہ ڪيتريون اُپڀاشائون هيون. کڙي ٻولي، برج ڀاشا، راجستاني، ڀوج پوري، پوربي، ميواتي وغيره. وقت گذرڻ سان اُنهن مان هزارين لفظ اردوءَ ۾ ضم ٿي ويا ها. مطلبي فريد آبادي، ميراجي، مقبول حسين احمد پوريءَ جون ٻوليون ۽ حفيظ جالنڌري، عظمت الله خان ۽ ٻين ڪن شاعرن جا گيت ڪيترا نہ نيارا ۽ پيارا هئا، پر تقسيم کان پوءِ اردوءَ جي وسعت جو سلسلو ئي ٽٽي ويو. هندستاني هندو بہ اردوءَ کي تقسيم جو ڪارڻ سمجهندا ها ۽ اُن کي دٻائڻ لاءِ ڪائي ڪسر نہ ڇڏيائون.

1963ع ۾ مان جڏهن هندوستان ويو هوس تہ مسلمانن جي دڪانن تي بورڊ ئي ديوناگريءَ لپيءَ ۾ لکيل ها. اورنگ آباد ۾ هڪ شخص ترڪي ٽوپي پائي ٿي ويو. جڏهن مون هن کان اردوءَ ۾ پڇيو هو تہ، "ڀاءُ، تون ڪهڙي شهر جو آهين؟" تڏهن هن منهنجو انگريزي لباس ڏسي، مون کي سمجهي اردوءَ ۾ چيائين، "اردو نہ ٿو ڄاڻان." متر ا ۽ ورندا ون جڏهن اسان جمنا جي ڪناري تي پيٽو چوٻا ۽ ورنداون ۾ ڪرشن جو درشن ڪرڻ وياسين تہ گيتا کي ساڙهي پئي هئي ۽ تلڪ لڳل هو پر احتياطاً رشيد ڀٽيءَ بہ تلڪ هٽي ڇڏيو هو. ورندا ون ۾ درشن لاءِ اسٽيج تان پردا هٽائي ڪرشن جيءَ جي ڪاري مورتي تي ڏيکاري وئي. جنهن کي بنسري هٿ ۾ هئي ۽ پوءِ پردا بند ڪري ٿي ڇڏيائون. پردا کوليائون ٿي تہ ساڳيو اُهو نند جو لال ۽ بنسري بہ منٽ نہ

لڳا تہ اسان پڄي وڃڻ چاهيو. رستي تي راڄ ٻڌايو تہ جي انهن کي خبر هجي ها تہ اوهان مليڇ آهيو تہ اوهان کي ڳيا ڪري وجهن ها.

ساڳيءَ طرح غير مسلم کي مڪي ۾ داخلا جي اجازت نہ آهي. الاجي ڇو هن وقت مون کي پنهنجو نظم "مان ڌوهي هان" ياد اچي رهيو آهي؟

مون ڳالهہ تي ڪئي تہ گانڌيءَ تي تنقيد ڪجي تہ اسان کي هن جي سياسي زندگيءَ ۾ مٿيان فقط تي واقعا نظر اچن ٿا، جن جو هن جي اهنسا جي مٽي سان ٽڪراءُ ٿيو آهي. پهرين جنگِ عظيم جي شور وشر جي خاتمي کان پوءِ، گانڌي پنهنجي شهرت جي چوٽ تي پهچي چڪو هو. مان جڏهن انگريزيءَ جو ٽيون درجو پڙهندو هوس، تڏهن اسان جو استاد سرڳواسي هاسانند اسان کي پنهنجي ڳوٺ رستم، جو شڪارپور کان ٿوري پنڌ تي آهي، وٺي هليو هو. سنڌي شاعر هوندراج دکايل سنڌ جو رتن ڪندي، رُستم اچي پهتو هو. صبح جو گڏجاڻيءَ ۾ هن پنهنجو هيٺيون گيت ٻڌايو:

گانڌي تنهنجو آواز مون تہ جهوپڙن ۾ ٻڌو
تارن ستارن ٻڌو
هر ڪو ڳائيندو ٿي وتيو
ڍيرا ڍاهيندو ٿي وتيو!

شعر ۾ ڪائي بحر، وزن، قافيي، رديف جي خاص پابندي نہ هئي، پر هن جو آواز ايترو ولولہ انگيز هيو جو سارو ماحول چارج ٿي ويو هو. جڻ ڪُر ڪيتر ۾ ارجن رٿ هلائي رهيو هو. پهريون پيرو مون وطن پرستيءَ جو جادو محسوس ڪيو. دکايل کي کاڌيءَ جا اڇا ڪپڙا پيل هئا. ڪيئي هندو نينگريون هُن جي چوڌاري ڦِرڪا پائي رهيون هيون ۽ ڪي تہ هن کي ويڙهي ويون هيون.

مون گانڌيءَ جي ڳالهہ وچ ۾ ڇڏي هئي.

جڏهن نامي گرامي رولٽ بل پاس ٿيو هو جنهن موجب انتظاميا کي اختيار ڏنا ويا، تہ هوءَ ڪنهن کي ڪنهن بہ مقدمي کان سواءِ نظر بند رکي ٿي سگهي، هن تي جيوريءَ کان سواءِ ڪيس هلائي ٿي سگهي ۽ ملزم کي قانوني امداد جو حق حاصل نہ آهي. تڏهن رولٽ بل جي خلاف عام هڙتال ڪئي وئي. گانڌيءَ نہ ٿي چاهيو تہ هڙتال ۾هنسا کان ڪم ورتو وڃي. جڏهن احمد

آباد ۾ هڪ پوليس واري کي قتل ڪيو ويو تڏهن گانڌيءَ هڙتال ختم ڪري ڇڏي. گانڌيءَ اهونہ چاتو تہ ماٺهوءَ ۾ مارڻ ڏارڻ ۽ چيرڻ ڦاڙڻ جا ڪيترا نہ بي پناهہ جذبا آهن ۽ هو بگهڙ وانگر آهي ۽ بگهڙ فقط اوناڙ تي راضي نہ رهندو آهي. گانڌي اجا پوليس واري تي 13 اپريل 1919ع تي ٿيل هنسا کي پنهنجي هرديہ/من تان مٽائي رهيو هو، تہ امرت سر ۾ ويساکي ملهائڻ لاءِ هارين جو ميڙ ڪٺو ٿيو جن مان اڪثر کي خبر نہ هئي تہ سرڪار قلم 144 لڳايو آهي ۽ چئن کان وڌيڪ ماڻهن جي ميڙ تي بندش لڳل آهي. سرڪار اُنهيءَ ميڙ تي مشين گن هلائي ۽ ماڻهو زخمي ٿترن جيئن تڙڦڻ لڳا. پوءِ بہ مرٽينگ ماڻهن کي طبي امداد پهچائڻ تي روڪ رکي وئي. اٽڪل ٻہ هزار ماڻهو زخمي ٿيا. (اها ڳالهہ پوءِ مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهي هئي ۽ اُهو واقعو منهنجي ڄمر کان چار سال اڳ ٿيو هو.)* مشين گن جي ٺڪا ٺوڪيءَ کان پوءِ، ڪرفيو لڳايو ويو بي سبب شهرن ۽ ڳوٺن تي بمباري ڪئي وئي، شڪي ماڻهن کي ڪرڙا هنيا ويا ۽ امرت سر ۾ جتي فقط هڪ انگريز ماريو ويو هو ماڻهن کي پيٽ ڀر ريڙهايو ويو هو. طاقت انڌي ٿيندي آهي. شڪرو اهو نہ ڏسندو آهي تہ ڪبوتر ٻي ڏوهي آهي ۽ نہ شينهن اهو ڏسندو آهي تہ هرڻ ولهار ۾ ڇلانگ ڏيندي ڪهڙو نہ چڱو لڳي رهيو آهي؟ طاقت انسان جي اکين تي پٽيون ٻڌي ڇڏيندي آهي ۽ هن کي ڪنور ۽ نِردئي بنائي ڇڏيندي آهي ۽ هن ۾ ڪُروٽا ۽ ڪهل نہ رهندي آهي. ماڻهو مرون ٿي ويندو آهي، ٻي ويچاريو ٻي لغام بنا ڪنهن ڳڻ ڳوت ۽ ان اوني جي تہ ڪنهن وقت ڪِئي جو ڪيتو ڏيٽو آهي.

انگريزن، هندستانين ۽ ٻين ڪالونين جي رهواسين تي جيڪي ظلم ڪيا، تن جي حساب لاءِ قدرت هٽلر ۽ مسولني کي وجود ۾ آندو.

امرت سر ۽ جليان والا جي ڪوس ۽ مارشل لا جي ڪنورتا کان پوءِ جنتا کي گانڌيءَ ڏانهن وڌيڪ مائل ڪيو پر ڪجهہ سرويچ ۽ سَر ڦِرين هنسا جي راهہ ورتي. اُن جي باري ۾ مان پنهنجي آپيرا "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسيءَ" ۾ ڪافي لکي چڪو آهيان.

گانڌي اهڙين حالتن جو ناجائز فائدو نہ وٺندو هو، جي هن جي اَهنسا

* جليان والا باغ واقعو 1919ع

اصولن جي خلاف هيون. هن ڏٺو تہ عام طرح هندستاني مسلمان ڪانگريس جي آزاديءَ جي تحريڪ جي خلاف هيا، ڇو تہ اُها هندن هلائي هئي. هن ڏٺو تہ هنن ۾ انگريزن لاءِ شديد نفرت ڦهلجي وئي هئي. انهن جو پڙهيل طبقو ان جو مجسم ثبوت هيو. هو جڏهن چوندا ها تہ "ساري جهان کا درد هماري جگر مين هي" تہ لفظ جهان هو فقط عالمِ اسلام لاءِ ڪم آڻيندا هيا. مولانا حاليءَ جڏهن چيو هيو:

اے خاصۂ خاصانِ رُسل وقت دعا ہے،
اُمت پہ تری آن عجب وقت پڑا ہے.

تڏهن بہ هن کي فقط مسلم اُمت خيال ۾ هئي، نہ سارو عالم. جيتوڻيڪ، اسان جو رب، رب العالمين آهي. هنن کي فقط مسلم اُمت جي مشڪل جو خيال هو پوري انسان ذات جي مشڪل جو خيال نہ هو. جمال الدين افغانيءَ کان وٺي علامہ اقبال تائين ساڳو اونوءِ اُڏڪو ملي ٿو.

مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ "تاريخ جو وهڪرو وهندو رهي ٿو پر ڪي موڙ آهن، جتي اُن جي رُخ کي متائي سگهجي ٿو." (ممڪن آهي تہ اهي سٿون منهنجون آهن.) سگهہ، ڏاڍائي ۽ تيڪُ انڊا ٿيندا آهن. اُنهن جي اکين ۾ وقت جا ڦلا پئجي ويندا آهن، جيستائين هو ڳاٽي ڀر نہ ڪِرندا آهن، پوءِ بہ هنن کي ورلي ويساهہ ايندو آهي تہ اسان ڪوئي غلط يا ناجائز ڪم ڪيو آهي. سيزر کان وٺي هٽلر تائين تاريخ انسان جي انا ۽ فنا سان ڀري پئي آهي. اُنهن ماڻهن ۾ آپي جو ماپو نہ آهي، جيستائين موت جي ڪوٽ اچين. بروٽس جو خنجر پٺيءَ ۾ ڏسي سيزر جو چوڻ تہ "تون بہ بروٽس!"

بنڪر ۾ هٽلر ۽ هن جي محبوبا فئني بران جو سائنائيڊ پي ڪري چوڻ، "تون بہ تاريخ!" ساڳي ڳالهہ آهي. هٽلر پنهنجي پياري ڪُتي کي پهرين سائنائيڊ پياري، جو يڪدم ڌهي پيو ۽ مري ويو. اُن کان پوءِ جڏهن هو خاموشيءَ سان مري ويو. تڏهن فئني بران کي پياريائين، جنهن بہ زهر وگهي ساهہ ڏنو ۽ پوءِ پاڻ بہ پيتائين ۽ ڪُتي کان بہ بدتر موت مُئو. گوئبلز ۽ هن جي زال گولبدا، جي بئي اُن وقت هٽلر جي بنڪر ۾ موجود ها، اُنهن جي سڃاڻ لڪائڻ لاءِ پيٽرول وجهي نہ رڳو ڪُتي جو لاش ساڙيو پر هٽلر ۽ فئني بران کي بہ ساڙي ڇڏيو. مون جڏهن تاريخ تي سوچيو آهي تہ اها ابدي گلوٽين

وانگر آهي، جا جڏهن ڪِري هڪ جو ڪنڌ ڪپي ٿي، تڏهن ڪوئي اُن کي مٿي چڪي پئي ڪنهن جي ڪنڌ جي انتظار ۾ رهي ٿو. تاريخ هڪ عبرت جو داستان آهي، شال ان مان ڪو علم حاصل ڪري. هر ڪوپي تي اهڙو وقت اچي ٿو جو نہ هن کي ڪياڙي ڪم اچي ٿي، نہ ڳياڙي. ماٺهوءَ جي اکين تي انڌ جون پٽيون ٻڌجي وڃن ٿيون ۽ هر نردوش لهوءَ ۾ هٿ رڱيندا ٿا وتن. مون زرينا جي ماءُ کان چوٽي ٻُڌي هئي تہ "ڪرٽي پرٽيءَ جو مقام آهي. هر ڪو پنهنجي ڪئي جو ڪيتو ڏئي ٿو. اُپ ڪروڙين نيڻ آهي ۽ تنهنجو سڀ ڪجهہ ڏسي ٿو."

مون ڳالهہ ٿي ڪئي، گانڌيءَ جي. هو هڪ ديودوت (فرشتا صفت انسان) هو پر سياست ۾ هن کي ڇهون حس هيو ۽ هو موقعو هٿان نہ وڃائيندو هو. هن خلافت تحريڪ کي زور وٺايو ۽ انگريزن خلاف احتجاج طور ڪم آندو. پوءِ تہ ڪمال پاشا اُها تحريڪ پاڙ ئي ختم ڪري ڇڏي 19 نومبر تي گانڌي مسلم ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ مسلمانن کي يقين ڏياريو تہ هندستان ۾ هڪ عدم تعاون جي تحريڪ ۽ آسهڪار جي ڀرپور هلچل هلائي ويندي. تحريڪ جو ڇا ٿيو ان لاءِ مون آتم ڪهاڻيءَ جي ڀاڱي پئي ۾ اڳيئي لکيو آهي. پان اسلامزم هڪ بي معنيٰ نصب العين هئي. تُرڪيءَ جي شڪست و ريخت ان جو مثال آهي. ساري دنيا تي نہ اسلام جي حڪومت نافذ ٿي سگهندي، نہ عيسائين جي، نہ صيهونيت جي ۽ نہ هندن، زردشتين، ٻوڌين يا جينين جي. قومي مفاد هر ڪنهن لاءِ اوليت رکي ٿو جي ائين نہ هجي ها تہ عراق جي ايران ۽ سعودي عرب سان ايتري لزره خيز جنگ نہ ٿئي ها.

گانڌيءَ سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ سبب، ڪنهن مسلم رهنما جي باري ۾ اڪبر الہ آبادي لکيو هو:

بُھے ہوئے ہیں اندھے کے ساتھ ہیں
بدھو میاں بھی حضرت گاندھی کے ساتھ ہیں

هتي روڪيان ٿو. نثار منصور، طارق اشرف وانگر پنهنجو رسالو "پرک" منهنجي در جي هيٺان ڦٽي ڪري ويو. جنهن ۾ منهنجي نوٽ بڪ جا ٽُڪرا شايع ٿيل ها، جي مون درست نہ ڪيا ها. هن اصرار ڪيو هو تہ مان ڪيس نوٽ بُڪ ڏيان تہ هو فوٽو ڪاپي ڪيدائي اچي ۽ انهن جو فرسٽ پروف

مون کي ڏيڪاريندو هن کي ڪنهن ڳالهہ تي غصو آيو ان ڪري فرسٽ پروف نہ ڏيکاريائين ۽ ترتيب ڪانسواءِ اُهي صفحا ڇپائي ڇڏيائين. پر اُنهن ۾ ڪنهن مصور کان منهنجي تصوير ٺهرائي ڏنائين.جنهن ۾ منهنجي وڏيل ڏاڙهيءَ سان نقش هو. جنهن ۾ مان پٿر جي دؤر جو انسان ٿي لڳس. ڪجهہ وقت پوءِ هو ٻيهر آيو ۽ مون کان معافي وٺي چيائين تہ، ”مون کي طارق اشرف واريءَ ڳالهہ تي اعتبار نہ آيو مون غلطي ڪئي ۽ منهنجو رسالو اڻين بند ٿي ويو جيئن ”سُهڻي“ رسالو بند ٿي ويو. اڳي پيپلز پارٽيءَ جي ڏؤنس ۾ مون کي ڪافي اشتهار ملندا هيا، پر هاڻي تہ اليڪشن کان پوءِ اُها ئي ڌهي پئي ۽ هاڻي اڳيان پيسا بہ نہ ٿا ڏين. جنهن ڏانهن ٽو فون ڪريان تہ سيڪريٽري ٽو جواب ڏئي، صاحب ميٽنگ ۾ ويٺو آهي يا ٻاهر هليو ويو آهي. مان ان کان پوءِ پرچو نہ ڪڍندس.“ مون هن کي چيو تہ، ”سهڻيءَ“ ۽ ”روح رهاڻ“ جو بہ تہ ساڳيو حشر ٿيو ۽ ٻيو پرچو نہ نڪتو پر مون توکي اهڙو ڇا چيو جو تون مون تي ايترو غصي ۾ ٿي وئين؟ تون تہ مون کي پيءُ وانگر ڀائيندو هئين؟“ ”سائين، هاڻي معافي ڏيو!“ منصور چيو. ان تي مون جواب ڏنو ”اڳتي لاءِ منهنجو صحافي برادريءَ مان اعتبار ٽٽي پيو آهي.“

هاڻي وري شروع ٿو ڪريان، گانڌيءَ سان. سرسيد مسلمانن ۾ ڪافي اثر رسوخ پيدا ڪيو هو حيدرآباد دکن ۾ چراغ علي ۽ مهدي علي خان هن سان شريڪ ٿيا ها. مهدي علي خان ڪانگريس تان استعفا ڏني ۽ علي ڳڙهہ ۾ ائنگلو محمدن ڪاليج جو سيڪريٽري ٿيو. هن پان اسلامزم ۽ قوم پرستيءَ ٻنهي جي ترديد ڪئي ۽ هندستان ۾ مسلمانن جي الڳ قوم هجڻ جي تحريڪ هلائي. سيد امير علي بہ سرسيد جو وڏو حمايتي هو جنهن عربن جي مختصر تاريخ ۽ ”اسلام جو روح“ نالي ڪتاب لکيا. اشاعت کان ڪافي وقت پوءِ شيخ واجد علي مون کي پويون ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو هو جنهن مون کي ڪافي ٿڪائي وڌو هو.

ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ مون اڪبر الهہ آباديءَ جي شاعري پڙهي هئي. هن انگريزيءَ تهذيب جا چڱا چٽر لاٿا هئا. اردوءَ ۾ بہ هن دلڪش طنز ڪئي هئي، جنهن ۾ ان دؤر جي لحاظ کان ادبي چاشني هئي.

ورهاڱي کان پوءِ مون هن ۽ حاليءَ جا چچڙ ڪيئي ڏٺا. سکر ۾ هڪ ريهئبليٽيشن آفيسر هو جنهن مون وٽ مسدس حالي پڙهي ۽ اڪبر الهہ

آباديءَ جا ايترا شعر ٻڌايائين، جو اسلام تان ارواح ئي ڪڄي ويو. مون کي شاعريءَ ۾ مسخري نہ وڻندي آهي، جنهن جا هنديءَ ۽ اردوءَ جاشاعر شوقين هوندا آهن. هاڻي اڪبر الهہ آبادي کي ڪوئي نہ ٿو پڙهي، جيئن مجيد لاهوريءَ کي ڪوئي نہ ٿو پڙهي. واجد علي وانگر علي ڳڙهہ جا اڪثر مسلم شاگرد اسلام جا فدائي هئا. ملا پنهنجي سياسي گبڙ شبڙ ۾ مسلم عوام کي خطاب ڪندا هئا. ديوبند مصر جي الاظهر يونيورسٽيءَ وانگر شهرت حاصل ڪئي هئي ۽ انگريزيءَ جي ٿهلاءَ کي اسلام لاءِ قاتل زهر سمجهيو هو.

خود علي ڳڙهہ ۾ بہ ڪي شخص هئا، جي سرسيد جي انگريز دوستيءَ (Anglo filism) جي برخلاف هئا.

پهرين جنگ عظيم 1914ع ۾ شروع ٿي، پر ان جي عالمي اثر تي مان پوءِ ٿو اچان. اها جنگ امن جي دؤر جي تاريخ ۾ اهم سنگ ميل هئي. ان ۾ هڪ لک ويهہ هزار هندستاني انگريزن لاءِ وڙهيا. چويهہ هزار تہ فرانس، اٽليءَ ۽ آفريڪا ۾ ماريا ويا.

1925ع ۾ ڊاڪٽر تصدق حسين خالد آزاد پهريون نظم لکيو جو مون ٽئين چوٿين درجي انگريزيءَ ۾ نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيو هو جنهن جون ڪجهہ سٽون مون کي اڄا تائين ياد آهن، اهو نظم ڪنهن هندستاني سپاهيءَ جي باري ۾ آهي:

شیر دل خان
میں نے دیکھے تیس سال
میں کنوارا ہی رہا
کاش! میرا باپ بھی
یوں کنوارا.....
کیا کہوں .

اُن کان اڳ ۾عبدالحليم شرر جا منظوم ڊراما، آزاد نظم ۾ هيا يا نہ، ان ڳالهہ تي اردوءَ جا نقاد متفق نہ آهن. اُن کان ڪجهہ سال پوءِ مون فيض جي ڪتاب ”نقش فريادي“ ۾ ۽ ن. م راشد جي ”ماورا“ ۾، جو سارو آزاد نظم ۾ هو. آزاد نظم ڏاڍا وڻيا. مون هن جا ”ايران ۾ اجنبي“ ۽ ”الانسان“ تائين ٽيئي ڪتاب پڙهيا آهن. هن جو نظم ”حسن ڪوزه گر“ مون کي ڏاڍو وڻيو هو.

فيض ۽ راشد کي عجيب غنائي ڪيفيت هئي، جا ان کان اڳ اردو شاعريءَ ۾ ڪانہ هئي. مون خود ڪيئي آزاد نظم سنڌي شاعريءَ ۾ لکيا آهن.

وري ڳالهہ تيز ڪائي وئي. مون تي لکيو تہ پهرين جنگِ عظيم ۾ هيترا هندستاني ماريا ويا. هندستاني شهزادن ۽ صنعتڪارن انگريزن لاءِ پنهنجون تجوڙيون کولي ڇڏيون. مهاتما گانڌيءَ ريڊ ڪراس کي مدد ڪئي. هندو ۽ مسلم گڏجي انگريزن جا مددگار ٿيا ۽ 1916ع ۾ لکنؤ ۾ عهدنامو ڪيائون تہ پنهنجا مسئلا پاڻ نبيرينداسين. برٽن سوچيو تہ خطري جي وقت هندستانين جي شرط شروط ڪانسواءِ ايتري مدد لاءِ ڪجهہ ڪيو وڃي. ان ڪري فوج ۾ هنن گورکن، پنجابي مسلمانن ۽ سکن تي هٿ رکيو جن سيني کان وڏيڪ قربانيون ڏنيون هيون.

اها ڳالهہ مڃبي تہ هندستاني هڪ قوم نہ هيا، ۽ مذهب، نسل، ذات ۽ ٻوليءَ ۾ ورهايل ها ۽ انگريزن هنن کي متحد ڪيو پر هو اُن نفاق لاءِ بہ ذميوار هيا، جو ورهاڱي جو ڪارڻ ٿيو. ان ڏس ۾ انگريزن جي سڀ کان اهم مهم بنگال جو ورهاڱو هيو. 1857ع جي بغاوت کان پوءِ مسلمان انگريزن جي نظر ۾ ڪُٽڪندا هيا، تانتيا ٽوپيءَ ۽ جهانسيءَ جي راڻيءَ اُن ۾ ڀرپور حصو ورتو جنهن جي باري ۾ مان اڳيئي لکي چڪو آهيان، پر هندستان جي تخت تي بهادر شاهہ ظفر هيو دهليءَ ۾ هن کي قيد ڪري رنگون موڪليو ويو هو جتي هو قيد خاني ۾ تڏي تي سمهندو هو ۽ بيماريءَ ۾ مري ويو هو. پر ڪانگريس جنتا ۾ پنهنجو دڳو جمائي وئي تہ مسلمانن سان خاص رعايتون ڪيون ويون آهن. 1906ع ۾ مسلم ليگ وجود ۾ آئي. مولانا محمد عليءَ صحيح چيو هو تہ ”هڪ پراڻي چوٽي آهي، تہ ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو. پر هتي اسان پورهيو ورهايو آهي، اوهان حڪومت ڪريو ٿا ۽ اسان وڙهون ٿا.“

ان کان پوءِ آريہ سماج جي تحريڪ اُڀري، جنهن چيو تہ، ”ويدن ڏانهن موٽو ۽ ڪرستانن ۽ مسلمانن کي وري هندو ڪريو.“ ٿياسافسٽن، جن ويدانت ۽ تصوف جو سهارو ورتو هو ۽ برهموسما جين پوري ديس لاءِ هڪ مذهب جي ڪوشش ڪئي، پر اُهي ناڪامياب ٿيا. اجا تائين ڪراچيءَ ۾ ٿياسافيڪل هال آهي، جتي صوفي ڄيٺمل وحدتِ اديان جو پرچار ڪندو هو ۽ مرحوم اي.ڪي بروهي فلسفءِ تصوريت (ماياواد ــ Idealism) تي

تقريرون ڪندو هو. پر سيني فلسفن جي باري ۾ مون ڏهن پڙهيو. جڏهن بي.اي ۾ پڙهندو هوس. ايل. ايل. بيءَ جي پهرين سال ۾ مون وويڪ آنند، اربندو گهوش، تلڪ ۽ گوکلي جا ڪتاب پڙهيا ۽ رام ڪرشن پرم هنس تي بہ ڪتاب پڙهيو جو بينگال جو وڏو اسرار پسند شخص هو.

1935ع ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ پاس ٿيو جنهن هيٺ صوبائي اليڪشنون ڪرايون ويون.

خان بهادر الله بخش سومرو ٽانگي تي سٽي ڪورٽ کان پري، پنهنجين زمينن ڏانهن وڃي رهيو هو تہ هن کي قتل ڪيو ويو. ڪجهہ سال پوءِ 26 جون 1947ع تي سنڌ جي پاڪستان لاءِ جدوجهد ختم ٿي. ان کان پوءِ سائين جي.ايم سيد، سر غلام حسين هدايت الله، محمد ايوب کهڙو هاشم گزدر، علي محمد شاهہ راشدي، مير غلام علي ٽالپور، هارون پائر، حاتم علي وغيره سنڌ جي سياست جا مرڪزي ڪردار هيا. سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڄ تائين سُريلي ڪُرسيءَ (Musical chair) جي راند ٿيندي رهي ٿي. جيئن وڏ وزارت خالي ٿئي ٿي، ڪوئي نہ ڪوئي ٽپو ڏيئي ويهي رهي ٿو. منهنجي اليڪشن ۾ ڪائي دلچسپي نہ هوندي هئي. فقط نظرياتي سياست سان لڳاءُ هوندو هو. 1935ع واري ايڪٽ تحت اليڪشنن ڪانگريس کي ڏوڏي وڏو. بنگالي انقلابي قوم پرست، سباش چندر بوس ۽ گانڌيءَ ۾ ٽڪراءُ ٿيو. ڪيترو وقت پوءِ مون پڙهيو تہ گانڌي، جو پاڇي خور هو ۽ جنهن گوشت وات ۾ وجهي، اُن کي ٿوڪاري ڦٽي ڪيو هو جو پاڪيزگيءَ جو قائل هو پر بازار حسن ۾ ويو هو. گانڌيءَ جو پيءُ موت جي بستري تي پيو هو تہ هو پنهنجي زال ڪستور بائيءَ سان عيش ڪري رهيو هو. هو 37 ورهين جي عمر ۾ زال جي اجازت کان سواءِ برهم چاري ٿيو. هو وهمي هو ۽ هُن پنهنجي پٽ جو علاج ڊاڪٽرن کان نہ ڪرايو پر پٽ جي بدن تي مٽي ٿڦي پرارٿنائون ڪري صحتياب ڪيو. هو سؤ سيڪڙو سچو انسان هو ۽ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪائي مِين ميک نہ رکي اٿائين. نہ پاڻ کي گامون سچار ثابت ڪيو اٿائين. پنهنجي هر ڪمزوريءَ جو کُلم کُلا ۽ روڪ ٽوڪ کانسواءِ اظهار ڪيو اٿائين. کهڙو پهاڙ آهي، جنهن ۾ چرون نہ آهن ۽ کهڙو درياءُ آهي، جو ڦاٽ ڪائي شاخون نہ ٿو ڪري؟

گانڌي هن صديءَ جو عظيم ترين انسان هو. هن اهنسا اختيار ڪئي،

جا جين ڌرم جي ماڻهن ۽ هندو ڀڳتن ۾ اڳيئي هئي. هن جي متي کي ٽالسٽاءِ ۽ آمريڪي فطرت پرست ٿارو ٽيڪ ڏني. هن ماڻهن جون گهرجون گهٽائي، ڳوٺاڻي جيوت کي پورنتا ڏيڻ جو سپنو لڌو جيتوڻيڪ هن کان اڳ ۾ ڪيترن ئي هندستان ۾ سوديشيءَ ۽ سوراج جو پرچار ڪيو هو. گانڌيءَ پنهنجن خيالن کي هڪ اخلاقي ۽ سياسي فلسفي ۾ سلسلي وار ترتيب ڏنو. هن پنهنجو اوڻايون ۽ خاميون تسليم ڪيون آهن. هو پنهنجي نصب العين جو مجسم مثال هو.

بنگال ۾ قوم پرستيءَ جي لهر وقت 1882ع ۾ بئڪم چندر مئتر جي 'آنند مٺ'ناول لکيو ۽ پوءِ بندي ماترم جو ترانو لکيو ويو جو شاعر رابندر ناٿ ٽئگور 1897ع واريءَ انڊين نئشنل ڪانگريس ۾ ڳاتو هو. بينگالي هندو مت جو نئون مفڪر سري اربندو گهوش هو ۽ هن اٺ سال آنڌرا پرديس ۾ هندو قوم پرستيءَ جو پرچار ڪيو هو. ڪيترو وقت پوءِ هو اسرار پسند (Mystic) ٿي ويو). پانڊيچريءَ ۾ آشرم ڪوليائين ۽ مشهور ڪتاب رحماني زندگي (The Life Divine) جا ٻہ وڏا ڀاڱا لکيائين، جي پڙهي مان هلاڪ ٿي پيس ۽ اڌ ۾ ڇڏي ڏنم. اربندو گهوش لهوءَ ۽ آگ سان اندر اُجارڻ جي ترغيب ڏني. هن جي اشتهار ڀواني منظر، جنتا کي خون خرابي لاءِ اُتساهيو پر پنجاب ۾ هندو اڳواڻن هندو ڌرم ۽ قوم پرستيءَ کي گڏي استعمال ڪيو. اها قوم پرستي تہ نہ هئي، ڪانڊا ٽانڊا هئي! انهيءَ ڳالهہ مسلمانن جو قومي جذبو ٽڏو ڪري ڇڏيو. پنجاب ۾ لالا لجپت راءِ آزاديءَ جي تحريڪ اُڀاري، جو هر هندو قوم پرست ۾ آزاديءَ لاءِ اُلا اُڀرندا ٿي نظر آيا. پر ساڳي وقت هو هندو ڌرم جي اُڀار ۽ ڦهلاءَ جو بہ قائل هو. ان ڳالهہ ٿي ايترو اصرار غير ضروري هو ۽ مسلمان آزاديءَجي تحريڪ کان ڌڄي ويا. آريہ سماج هندو ڌرم کي ويدن جو تت ڪوٺيو. مسلمان اها ڳالهہ نہ وساري سگهيا تہ ديانند سرسوتيءَ پنهنجي ڪتاب 'ستيارٿ پرڪاش' جي چوڏهين اڌياءَ ۾ اسلام جي خلاف لکيو هو.

1906ع ۾ مسلم ليگ وجود ۾ آئي ۽ لالا لجپت راءِ، بال گنگا ڌر تلڪ ۽ بپن چندر پال (ٽنهي کي لال، بال ۽ پال چيو ويندو هو) جهڙا ڪٽر هندو اڳواڻ جنتا اڳيان پڌرا ٿيا. انتها پسندن لاءِ اٽليءَ ۾ مئزنيءَ (Mazzni). تُرڪي، چين ۽ پرشيا جا مثال هٿيار ٿي ڪم آيا. آئرلينڊ ۾ دهشتگرد

تنظيم سِن فين (Sin fien) ۾ 1905ع ۾ جپان جي روس کي شڪست، هنن ۾ اُميد جاڳائي تہ هيٺيان جي پنهنجيءَ تي اچن تہ ڏاڍن کي ڏاري تا سگهن ۾ ايشيا جا ماڻهو يورپ جي ڪنهن بہ ملڪ تي فتح پائي سگهن ٿا. فقط وطن تي جان بہ واري، آزاديءَ جو جهنڊو اوچو رکڻو هو. انهن شدت پسند خيالن جي ردِ عمل طور وهابين ڪڙي تنقيد ڪئي تہ هندستان دارالسلام نہ رهيو آهي ۽ برطانيا جي غلبي کان وٺي هن وقت تائين دارالحرب ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. وهابين جي خلاف سرسيد جي علي ڳڙهہ تحريڪ هئي 1817/18ع ۾ هو ايسٽ انڊيا ڪمپني جو ملازم هو ۽ 1857ع واري بلوي کان بہ سال پوءِ هُن پهرين پندرهن مسلمانن کي ان تي آماده ڪيو تہ هو برطانيا جي تاج سان وفاداريءَ جو اظهار ڪن.

مان وڏو ٿيو ڏئي وچ واري تاريخ ٽپي ٿو وڃان ۽ پنهنجي محبوب ڪردار ڀڳت سنگهہ تي ٿو اچان، جنهن تي مون آپيرا لکي آهي ۽ جنهن کي اگهہ گهوش پنهنجي ڪتاب ۾ ڪميونسٽ ڪوٺيو آهي.

1926ع ۾ 'نوجوان ڀارت سڀا' قائم ڪئي وئي ۽ اُن جو سيڪريٽري ڀڳت سنگهہ ٿيو. سڀا جو شروعاتي ڪم ثقافتي نوعيت جو هو. سڀا سادي زندگي گذارڻ ۽ هندستان جي ٻولين کي ترقي وٺائڻ لاءِ اُدم ڪري رهي هئي. پر چندر شيکر آزاد جي رهنمائيءَ هيٺ، هندستان سوشلسٽ آرمي ٺاهي وئي، جنهن جو نصب العين دهشتگرديءَ جي ذريعي آزادي حاصل ڪرڻ هو. هنن لاهور، ڪلڪتي، سهارن پور ۽ آگري ۾ بمن بنائڻ جا ڪارخانا ٺاهيا، جي وقتِ ضرورت ڪم اچڻا ها. ان موضوع تي مون انگريزيءَ ۾ هڪ نهايت دلڪش ناول پڙهيو هو هاڻ وقفو ٿو ڪريان.

پٺيان زرينا اچي بيٺي آهي ۽ چئي ٿي. "اهو پٺي جهڪائي چا ٿو لکين؟ ڪهڙا تاريخ جا پراڻا وهي کاتا کوليا اٿي؟ اهي تہ مسلمان بہ نہ ها، جو انهن کي ڪائي صورِ اسرافيل زنده ڪري سگهي. انهن جي تہ رک جمنا مان ٿيندي وچ سمنڊ ۾ پئي هوندي! تون ان کي ڪٿي ڳوليندين؟"

مان زرينا کي چوان ٿو تہ "پنهنجو ماضي وساري ڇڏيندا سين تہ حال ۽ مستقبل اسان کي وساري ڇڏيندا."

*گاہے گاہے باز خوان آن قصہ پارینہ را*

(ڪڏهن ڪڏهن ان پراڻي قصي کي ٻيهر پڙهہ) مان ڪيس ڪتاب

”علماءَ ڪا شاندار ماضي“ لائبريريءَ مان ڪڍي ٿو ڏيان ۽ چوان ٿو ”انڊ مان نڪور بار ۾ هنن جا هڏا بہ پُري پورا ٿي ويا هوندا. اهي آزاديءَ جا پروانا بہ تہ مسلمان ها!“ منهنجي تہ هر هڏي ۾ ماضيءَ جي مِک آهي.

هر پيڙهيءَ جي پيڙهہ ماضي رکي ٿو. اهو حال ۾ مستقبل وانگر زندهہ آهي ۽ اُن کان غفلت پنهنجي پاڻ کي غفلت آهي.

لالا لجپت راءِ ۽ ٻين اڳواڻن جي جلوس تي انگريزن ٻي سبب فائرنگ ڪئي هئي ۽ ڪيئي ماڻهو مُئا ها. ڪاڪوريءَ ۾ انقلاب لاءِ پئسو ڪٺو ڪرڻ لاءِ هندستاني ڪارڪنن ڌاڙو هنيو هو. ڪاڪوري ڪيس ۾ جيڪي ماڻهو گرفتار ٿيا، انهن مان چئن کي ڦاسي ڏني وئي. 17 ڊسمبر تي لالا لجپت راءِ جي پلئہ ڪرڻ لاءِ هندستان ۾ دهشتگردن سانڊرس نالي انگريز کي جو ڊي. ايس. پي هيو گردن ۾ گولي هنئي، جنهن وقت هو موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هو.

انعام جي لالچ ۾ سپاهي چئن سنگهہ، سُک ديو جي پنيان لڳو تہ چندر شيکر آزاد هن کي گولي هڻي هن جي جيون تي فل اسٽاپ ڏئي ڇڏيو. ان واقعي ۾ ڀڳت سنگهہ، راج گرو ۽ جئہ گوپال گرفتار ڪيا ويا. هنن مان ٻهرين ٻن کي پوءِ ڦاسي ڏني وئي. ڪورٽ ۾ هنن جي حاضرين جون خبرون اينديون هيون ۽ مون کي ڪافي سال پوءِ ٻُڌايو ويو هو تہ اُهي خبرون پڙهي، جڻ چوڌاري آگ وچڙي ويندي هئي، جيئن لوهار جي ڌنوڻيءَ مان هوا جي ملڻ ڪري لوهہ کي وچڙي ويندي آهي، جنهن کي وڏاڻ هڻي رُڪ ڪندا آهن. وري وقفو.

پاڪستان ٿي. وي وانگر زندگيءَ جي طويل ڊرامي ۾ بار بار وقفو ڪرڻ پوي ٿو. هڪ ڳالهہ ياد اچي ٿي، جنهن جو سلسلو عشق تي سائنسي تجزبي سان بنهہ نہ ٿو ملي. منهنجي آفيس جي ڪجهہ پنڌ تي هڪ ٻہرياٽي عورت رهندي هئي. هوءَ اونهاري ۾ مون وٽ لسيءَ جو لوٽو کڻي ايندي هئي ۽ اٽ آنا وٺي ويندي هئي. هِن سان منهنجي ڏيٽ ويٽ ٿي وئي هئي. هوءَ هُل ڪري، وانگار تي آيل ماڻهن وانگر تڙ جي شڪارين لاءِ شڪار کي ويجهو آڻيندي هئي. هن جو پنهنجو عشق ڪنهن سان نہ هوندو هو پر هُن کي ان مان لطف ايندو هو تہ عاشق ۽ هن جي محبوبا کي ويجهو آڻيندي هئي. هڪ پيري هڪ عورت، جا مون کان ڪجهہ پري رهندي هئي، ڪنهن ڪيس جي

سلسلي ۾ مون وٽ آئي. ان وقت ٻيرياڻي مون کي لسيءَ جو گلاس ڀري تي ڏنو. جنهن وقت ڪيس لاءِ آيل عورت مون کان وري اچڻ لاءِ وقت وٺي وئي. تنهن وقت مون ٻيرياڻيءَ کي چيو تہ، ”هيءَ تہ ڪنوڙ وانگر ٿي ڪجي!“ هن مون کي چيو تہ، ”فڪر نہ ڪر مان ٿي تڪر جانس.“ مون ڏنو تہ هوءَ ٿاڪرو ٻڪر ۾ بدلجي وئي ۽ زور سان هن کي سڱ هڻي ليٽائي وڌائين. مون هن کي چيو تہ، ”اتي پڪ؟ ائين نہ ٿئي تہ بُربُل چرڪي اڏامي وڃي.“ هن جواب ڏنو تہ، ”مان هن لاءِ اهڙي چُڙڪ ٿي اڏيان، جو پاڻ ڇڏائي نہ سگهندي. تون رڳو پيتي وجهجانس. هن وقت تائين تہ ڪائي بہ بُربل مون کان بچي نہ سگهي آهي.“

هوءَ پنهنجي قول جي ٻير جي ڪاٺ وانگر پڪي نڪتي. هاڻي اهو شوقِ شڪار سائنس ڪئن ٿي سمجهائي؟ ڇا ان ۾ بہ ڪا ڪيميڪل هيرڦير هئي؟ هڪڙو ماڻهو لَنءُ جي لَئيءَ سان ٻن انسانن کي هڪبئي سان ڇو ڇنبڙائي ٿو ڇڏي، جيئن لغڙائي لغڙ جا بہ پاسا ڳنڍيندا آهن؟ هن کي انهن جي پرواز مان ڪهڙي لئہ ٿي اچي؟

مون اجا لکيو تہ زرينا آئي ۽ چيائين تہ ”اهو نڪمٽو ڪم ڇڏ! هل تہ سي بريز تي هلون.“ هن جي فرمائش تي مان ۽ هوءَ، سي بريز تي وياسون. ڪار اسان جي ڊرائيور اقبال ٿي هلائي. سي بريز واري باغ ۾ پڪي روڊ تي ڪافي پنڌ ڪري، جڏهن ٿڪاسين، تڏهن بينچ تي ويهي رهياسين. ٻيرن جا ڪيئي ڦلاريل وڻ سمنڊ جي ڪناري بيٺا ها، جن جي خوشبو هوا ۾ ڦهلجي وئي هئي. بينچ جي پرسان بہ ٿي وڻ بيٺا ها، جن ۾ ڪاسني گل ها، جي شايد مارچ يا اپريل ۾ نڪتا هوندا.

ٻير جي خوشبو آئي تہ ٻيرياڻيءَ جو نالو دل تي تري آيو. ڪيئي سال هن جي مون سان ڏيٺ ويٺ رهي هئي. هڪ ڀيري هوءَ وراندي ۾ لسيءَ جي چؤنري جهلي ويٺي هئي. مون کي ايندو ڏسي آفيس جي دروزاي ڏانهن اشارو ڪري چيائين ”هيءَ مومل ڪير آهي؟“

”ڪهڙي مومل؟“ مون پڇيو.

”اندر وڃي ڏس تہ سهين! ساري چؤنري لسيءَ سان پريل آهي. هڪ گلاس هن کي بہ ٿي پياريان!“ مان آفيس ۾ ويس تہ پنهنجي چيمبر جو دروازو ڪليل ڏٺم. اُتي شهرزاد ويٺي هئي ۽ سونهري فريم ۾ منهنجي فوٽي کي چُمي رهي هئي. بہ ڪلاڪ اڳ مون ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ هن جي طلاق جي

ڪيس ۾ اپيل ڪٿي هن کي آجڪاٽي ڏياري هئي. مون هن کي چيو تہ ”شيشي ۾ چَپ ڪهڙي معنيٰ تا رکن؟“

جنهن تي هن چيو تہ، ”مان زنده گرم چپ ڪٿان آڻيان؟“

ان تي مون ہيرياٽيءَ کي اندر سڏي هن کي هڪ گلاس ڏئي چيو ”پهرين تہ هن کي لسي پيئار.“ مون ٿرماس مان ڪجھ برف ڪڍي هن کي لسيءَ ۾ وجهي ڏني. پوءِ هن کي ٻيو گلاس ڏئي چيو تہ، ”مون کي بہ پيار.“ شهرزاد ڏانهن ڏسي ہيرياٽيءَ چيو. ”ڇوڪري تہ لَسيءَ کان وڌيڪ لَسي آهي.“ پوءِ ڪِهر ڪري آ لسي تي سوفا تي ويهي رهي. ہيرياٽيءَ هُن کي دعا ڪندي چيو تہ، ”ڏيءَ! مان هاٽي هلان ٿي. خدا شل وڏي عمر ڏيئي!“

”مائي پٽين تي ڇا؟“ شهرزاد چيو.

”پٽيانءِ ڪيئن ٿي؟“ ہيرياٽيءَ حيرت مان پڇيو. ”مائي، دعا ڪر تہ مون کي خدا جوانيءَ ۾ موتائي وني. مان روڙھ ہڪري تي مرڻ نہ ٿي چاهيان، انهيءَ چنديءَ سَسُ وانگر، جنهن مان مس مس منهنجي وڪيل صاحب جان ڇڏائي آهي. دعا ڪر تہ موت مون کي گلاب جي گل وانگر تاريءَ تان ڇني وني!“ ہيرياٽي جا خود بہ پنجاھ کان مٿي هئي، سورائتي منهن سان اُٿي جڻ شهرزاد هن کي زور سان ڄنب هنئي هئي. شهرزاد بہ هن سان گڏ اٿي ۽ چيائين ”سياٽي اوهان جو منهن مِنو ڪرائيندس.“ پوءِ ہيرياٽيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، ”مائي، تون ڇو ٿي ڏُڪاري ٿين؟ تون تہ اجا سٽيي ۽ سوٽ بيٺي آهين.“ ايتري ۾ رشيد پٽي اچي نڪتو۽ ہيرياٽيءَ کي چيائين تہ ”مائي اجان لسي اٿي؟“ هن لسيءَ جو هڪ گلاس وني پيتو. جڏهن هو ہئي ويون، تڏهن چيائين، ”هيءَ ڪير اِسٽڪر وانگر چنبڙائي اٿي؟ بہ ڪلاڪ اڳ تہ ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ هن جي اپيل تي هلايئہءِ؟“

”عزيز الله (ڊسٽرڪٽ جج) هن جي فائدي ۾ فتويٰ ڏني. هوءَ منهنجو ٿورو ميڄڻ آئي هئي؟“

ان تي پٽيءَ چيو ”ڇوري تہ ڇيڙ جي تريل ڪڄريءَ وانگر ڪڙڪَ تي لڳي!“

”پٽي! ڪو ڦاٽوڙو دهل آهين؟“ مون چيو.

”اکين ۾ ڄڻ سرمي داٽيون پيٽي آئي هئي.“ پٽيءَ چيو ”متان ڪُپيريءَ ۾ پير پائين! هڪ پيرو ويجهو آندو سي تہ امر بيل وانگر چنبڙي پونديءِ!“

”پٽي! هاٿي هل تہ سَت سُري نہ ٻڌايانءِ؟ مان چوگان جو پراڻو کيڏاري آهيان.“ منهنجو جواب ٻڌي پٽي اٿيو ۽ چيائين تہ ”سردار علي شاهہ رت پي ويو آهي. روز ٿو مهراڻ ۾ اسان تي وطن دشمنيءَ ۽ اسلام دشمنيءَ جا الزام هڻي! شيخ راز ۽ ابراهيم خليل بہ اسان تي مچرجي پيا آهن. هڪڙي رشيد لاشاريءَ مان جان ڇُٽي تہ هي واڳونءَ وانگر ورائي ويا آهن. مورڙئي کي بہ لوهي ڪنڊن وارو پڃرو نہ هجي ها، تہ هُن کي مانگر مڇ رڙڪي وڃي ها. مان چاهيان ٿو تہ سردار عليءَ شاهہ تي بدناموسيءَ جو فوجداري مقدمو داخل ڪري وارنٽ ڪڍايون. پوءِ جي هو ڪجهہ لکي تہ هن تي توهينِ عدالت جو ڪيس وجهون. پل تہ حيدرآباد جون هوائون ڇڏي سکر جا چڪر ڏي تہ هن کي ان جي ٻوست سڌو ڪري ڇڏي. ائين مڙس عقاب جي ڏيک ٿو ڏئي، پر دل جهرڪيءَ جيتري اٿس! بہ پيشيون پوڳي ۽ اسٽيشن تي باسي ڪباب ۽ ٽڏي ماني کائي تہ ڪجهہ هوش اچيس. ڪجهہ تہ اسان بہ هن سان داءُ پيچ ڪريون! هن کي ماٺ نہ ڪرائينداسين تہ اسان لاءِ وڏو خلم ٻارينده. خودبين ماڻهو ٻئي کي دوربين سان نہ ڏسندو آهي، پر خوردبين سان ڏسندو آهي ۽ ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ هن کي ڪنچر بہ ڪيٽيءَ وانگر نظر ايندو آهي.“

پٽي هڪ ساهيءَ ۾ تقرير ڪري ويو. مون هن کي چيو تہ ”پٽي! ڇو ٿو ڪکر ۾ ڪڙو هڻين ۽ نانگن جي ٻر ۾ هٿ وجهين؟ سردار علي شاهہ هن وقت مست هاٿيءَ وانگر آهي، تون اسان هن کي روڪي نہ سگهنداسين! مان تہ هُن کي انهيءَ ڪم لاءِ پگهار ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هُو اُهو ڪم ڪري رهيو آهي، جو اسان کي ڪرڻ گهرجي.“

پَٽي نہ مڙيو ۽ چيائين ”شام جو اُستاد شمس الدين شاهہ کان ٿو فرياد لکايان. پهرين سردار علي شاهہ کي نوٽيس ٿو ڏيان تہ جي معافي نہ وٺندين تہ ڪيس داخل ڪندوسانءِ! پلي تہ وڪيل کي في ڏئي! پوءِ فنا في الله ٿئي. شاهہ جو دماغ تہ هونءَ ئي خالي آهي، پل ڪيسو بہ خالي ٿئيس!“

مون کيس چيو ”پٽي، ٻُلو آهين. لُنديءَ تي لت رکي رهيو آهين. پيڙ ٻاري ڇڏيندين. هن جي هٿ ۾ روزاني اخبار آهي. اسان جا ويري گهڻا آهن، واهرو ٿورا آهن. ڳوليا نہ لينداسين.“

پر پٽي نہ مڙيو. مڙس تہ ضد نہ تہ سائي پاجي!

”شينهن جو گوشت ٿيءُ!“ هن چيو.

”چڱو بابا، تپو ڏي ڳرڻ مِ!“

ڪيس ڪان پوءِ تہ سردار علي شاهہ چتي بگهڙ وانگر ٿي پيو جيستائين پٽيءَ هن تي توهين عدالت جو ڪيس ڪيو. باقي ان ۾ سچ آهي تہ سنڌ جي سجاڳي ۾ ون يونٽ خلاف پيٽرول تي تيليءَ جو ڪم سردار علي شاهہ ڪيو. 1965ع ۾ سازش ڪري مون کي ٽي مهينا نظربند ڪيائون، جنهن جو ذڪر مان پين ڪتابن ۾ ڪري آيو آهيان. مان ۽ پٽي جيل ۾ وڌا ويا هياسين. اسان جي رهائيءَ ڪان پوءِ هڪ پيري بسنت هال حيدرآباد ۾ مشاعرو ٿيو مون اُتي ڪيئي غزل پڙهيا، جن تي سامعين جهومي اٿيا، خاص ڪري!

رات آئي وئي تون نہ آئين ڳهي،
ماڪ ۾ مينڌرا ڪاڪ رُئندي رهي.

يا

هيءُ سئن نہ ڏيندي چئن اُتي ڏس! ڪوئي آيو آ پيارا!
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اُجايو آ پيارا.

پويون غزل عابده پروين ڳاتو آهي ۽ پهريون ابراهيم جويي جي ٺاهيل سنگيت سوسائٽيءَ جي ڪنهن گلوڪار ڳاتو هو جو منهنجن ٻين ڳاتل گيتن وغيره سان گڏ بيدل مسرور بدويءَ ڪئسيٽ ۾ پري ڏنو آهي. زرينا بلوچ جا بہ ڪيست جا بہ پاسا منهنجي ڳايل شاعريءَ سان پريل آهن. سرمد سنڌيءَ ”ڪنديءَ نہ سگري ٻير نہ پلڙو“ ڏاڍو سُريلو ڳاتو. ٽي غزل عابده پروين ۽ هڪ محمد يوسف ”دور ٿيندا وجن روز جوڳيئڙا“ ڏاڍي رقت انگيز سُر ۾ ڳاتو آهي.

مون جڏهن نارائڻ شيام وارو نظم لکيو هو* تڏهن ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ سندس دوست ۽ سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل باقر علي شاهہ خيرپور مان ڪهي منهنجي آفيس تي آيا هئا ۽ چيو هئائون ”تو ڪنهن جي اجازت سان اهو نارائڻ شيام وارو نظم شايع ڪرايو آهي؟ اسان لاءِ رڻ ٻارائي ڇڏيو اٿي!“

* هي سنگرام! سامهون آ نارائڻ شيام...

ٻئي منهنجي دوست ها ۽ منهنجي مدد ڪئي هيائون. انڪري مون هنن کي ڏُر پت نہ ٻڌائي ۽ نہ چيو تہ اهو نظم دنيا جي عظيم ترين شاعريءَ مان آهي ۽ مون فقط تنوير کي مختصر جواب ڏنو تہ ”پنهنجي ضمير جي اجازت سان.“ پوءِ ساڳيو تنوير موتي پرڪاش وٽ وڃي رهيو جڏهن نارائڻ شيام موتي پرڪاش وٽ هندستان مان دبئيءَ ۾ ڪجهہ ڏينهن لاءِ آيو هو. موتي انڊين هاءِ اسڪول دُبئي جو پرنسپال آهي. تنوير، شيام کان متاثر ٿي موٽيو ۽ شيام تي هڪ پورو ڪتاب لکيائين، جو ابراهيم جويي صاحب ڇاپيو هو.* ڪتاب جو ڪارڻ مون کي شيام کان گهٽ ڏيکارڻ جو هو. اهو بغض معاويہ ڇو؟ مان ڇئي نہ ٿو سگهان! شيام تہ مون سان ملڻ ٿي چاهيو ۽ موتيءَ مون کي دبئيءَ مان ان لاءِ فون ڪيو هو. مون جڏهن تنوير کي ٻڌايو تہ ”مون کي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس رکيل آهن، مان دُبئي نہ ٿو وڃان.“ اها ڳالهہ تنوير کي ڪيم مس تہ هو سنبري بيٺو. ڊاڪٽر صاحب ۽ هن جي زال ڊاڪٽر قمر مون سان ڏاڍي ڏکئي وقت ۾ ڳن ڏنا ها. مون کي تنوير سان ڪا شڪايت نہ آهي ۽ منهنجي دعا آهي تہ هو موت کي دندان شڪن جواب ڏئي.

ون يونٽ واري دؤر ۾ منهنجي شاعري ٻيلي جي باهہ وانگر ڦهلجي وئي. مون اُها حيدرآباد ۾ پڙهي سامعين کي ون يونٽ خلاف اتساهيو. ڪڏهن ڪراچيءَ، ميرپورخاص، سن، سڪرنڊ، موري، ٻني، خيرپور، سجاول ۾ ايوب سرڪار خلاف ٻارڻ ٻاريو. شاعري منهنجي زبان تي آبشار وانگر ايندي هئي. جوانيءَ ۾ قدرت مون کي ڪافي سگهہ ڏني هئي. چوويهہ ڪلاڪن ۾ مان اڌ ڪلاڪ ننڊ ڪندو هوس، جيئن نيپولين روس تي حملي وقت گهوڙي تي ننڊ ڪندو هو يا هني بال روم فتح ڪرڻ وقت ٿي ٿي ڏينهن ننڊ نہ ڪندو هو. منهنجي مدِ مقابل موت هوندو هو ۽ پنيان مختصر حياتي هئي پر مون کي پڪ هئي تہ شڪست اوس موت جي آهي.

وڪالت جي زندگيءَ تي وڌيڪ پوءِ ٿو لکان. پهرين اُتان ٿو شروع ڪيان جتي ڀڳت سنگهہ جي ڳالهہ ڪندي، وقفو ڪيو هيم.

ڀڳت سنگهہ جي باري ۾ اگيہ گهوش پنهنجي ڪتاب ۾ غلط لکيو آهي، تہ هن سوشلزم تي آٽڻ چاهي. دراصل هُن فقط انگريزن کان آزادي ٿي چاهي،

---

* بوند لهرون سمنڊ ۽ اُن جو طويل مهاڳ

جن ڏاڍا ظلم وستم ڪيا ها. هُن جو سياسي خواب ڪهڙو هو اُن تي هن جو ڪوئي بيان ڪونهي. 29 جون 1930ع تي هن جو مقدمو شروع ٿيو ۽ 6 جولاءِ 1930ع تي بئريسٽر آصف علي (جنهن ارونا سان شادي ڪئي) جوابدارن جو لُونءَ ڪانداريندڙ بيان پڙهي ٻڌايو جنهن ۾ دهشتگرديءَ جي ڀرپور حمايت ڪئي وئي ۽ اُن جا ڪارڻ ٻڌايا. انهيءَ بيان وائسراءِ هند جون وايون ولڙيون ۽ حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. 7 آڪٽوبر 1930ع تي اسپيشل ٽربيونل هندستان جي سورهيہ سَرويچن ڀڳت سنگهہ، راج گروءَ ۽ سُکديو کي موت جي سزا ڏني ۽ هو امر ٿي، انساني آزاديءَ جي تاريخ کي بہ امر ڪري ويا.

مون اُنهن تي هڪ رقت آميز آپيرا لکي هئي. جا 'ڀڳت سنگهہ کي ڦاسيءَ' جي نالي ڇپيل آهي. ان کان اڳ مون بہ ٻيون بہ آپيرائون "دودي سومري جو موت" ۽ "رني ڪوٽ جا ڏاڙيل" لکيون هيون. هڪ ڀيري مون کان علي محمد شاهہ راشديءَ پڇيو هو تہ "تو آپيرا تي اهو نالو "رني ڪوٽ جا ڏاڙيل" ڇو رکيو آهي." مون هن کي جواب ڏنو تہ "سنڌ ڪنهن وقت ونی هئي، هاڻي رني آهي ۽ اوهان کي تہ ڀليءَ ڀت معلوم آهي تہ اُن جي ڪوٽ ۾ ڏاڙيل ڪير ڪير آهن." ان تي علي محمد راشديءَ چيو هو تہ "مان چاهيان ٿو تہ توکي ٻوٽي ٻوٽي ڪن تہ جيئن هر ٻوٽي مان اناالحق جو آواز اچي." "سائين." مون جواب ڏنو هو تہ "مان پنهنجي صليب گهلي ٿڪجي پيو آهيان، هاڻي منهنجا ڪلها ٿڪي رهيا آهن. هاڻي اُها صليب مون کان ٻيو ڪوئي وٺي."

"نہ بابا!" راشدي چيو "يا شاعري پياري ڪر يا سِرُ پيارو ڪر!"

پاڻ سان قطع ڪلامي معاف.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ انگريزن هندستان جي ڪيترين ٻولين کي ترتيب ڏني ۽ ڪيترائي لفظ هندستاني ٻولين مان ورتا. پر فاتح قوم پنهنجا اُچار پاڻ ٺاهيندي آهي. جڏهن انگريز شيعن کي يا حسن، يا حسين چوندي ٻڌندا ها، تڏهن اُنهن کي Hobson Jobson مسلم چوندا ها. اهو لفظ مون آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ بہ ڏٺو آهي. پهرين پنهنجي مرحوم دوست مونس کان ٻڌو هو. انگريزن مليريا، ڪالرا، پليگ ۽ اُرڙيءَ جو علاج ڳولي لڌو ٺڳي (Thugee) تحريڪ تي پابندي وڌي، غلاميءَ کي ختم ڪيو ۽ ستي لڪڙيءَ تي بندش وجهي، وڌوائن کي ٻي شاديءَ جي اجازت ڏني. هنن ساري

مُلڪ کي ريلوي انتظام ذريعي ڳنڍي ڇڏيو.

اڄ ڪلهہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ جي حالتون آهن, اُنهن کان هڪ طرح انگريزن جو دؤر چڱو هو. جنهن ۾ رعايا لاءِ قانون جي حڪمراني هئي۽ چيو ويندو هو تہ "شينهن ۽ ٻڪري گڏ چرندا آهن." مون کي 1945ع ۽ 1946ع ۾ انڊيپينڊنٽ انڊيا ۾ هفتي وار مضمون ياد ٿا اچن. ايم. اين. راءِ نهايت زوردار لفظن ۾ لکندو هو تہ "انگريزن جي وڃڻ جو وقت اڃا نہ آيو آهي ۽ ماڻهو هندستاني جمهوريت کان چڱيءَ طرح آگاهہ نہ آهن ۽ هنن جي جمهوري نظام سان وابستگي پيدا نہ ٿي آهي. جي انگريز ان جمهوري قدرن سان وابستگي پيدا ڪرڻ کان اڳ ۾ ويا تہ ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۽ پاڪستان ۾ جيڪي بہ حڪومتون اينديون, اُهي فاشسٽ هونديون ۽ راءِ جو اختلاف برداشت نہ ڪري سگهنديون." ٿيو بہ ائين شيخ عبدالله سان هند سرڪار ڳالهيون نہ ڪيون ۽ هن کي جيل ۾ وجهي ڇڏيو ۽ نيٺ ڪشمير جي مسئلي کي اتي پهچايو جتي ان جو حل, ناممڪن تہ نہ, مشڪل ضرور ٿو نظر اچي. پاڪستان ۾ ايوب خان ۽ يحيٰ خان مارشل لا هنيا. فاشزم کي اڃا سڳ ٿيندا آهن ڇا؟ ايم.اين. راءِ جي پيشن گوئي ڪيتري نہ سچي نڪتي! انگريز واقعي قبل از وقت ويا. هو لوٽ ڪسوٽ, مارڌاڙ ۽ انارڪي ڇڏي ويا. مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين مان ڪيترين سياسي ڳالهيون منهنجي جنم کان اڳ جون آهن ۽ منهنجي ذاتي مشاهدي تي ٻڌل نہ آهن. مون فقط نوجوانن جي معلومات لاءِ تاريخ جي سلسلي کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي مطالعي مان لکيون آهن. مون پنهنجي حافظي مان اُهو ڪجهہ لکيو آهي, جو منهنجي سانيڙ ۾ ٿيو آهي. پهرين تہ علامہ اقبال جي بانگِ درا ۾ هماليا, نيا شوالا, ميرا وطن وهي هي, ساري جهان سي اڇا هندوستان همارا. حب الوطنيءَ جا بي پناهہ جذبا اُڀاريا جي باهہ وانگر پکڙجي ويا, پر مسلمانن جي حالت ڏسي اقبال شڪوه ۽ جوابِ شڪوه لکيا. جي ٻڌي لکين مسلمان اوڇنگارون ڏيڻ لڳا ۽ هندن جي ڪڙهندڙ تئيءَ تي برف جو پاڻي پئجي ويو.

واجد علي شيخ ٻڌائيندو هو تہ هُو جڏهن علي ڳڙهہ ۾ پڙهندو هو تڏهن هن علامہ اقبال کي شعر پڙهندو ٻڌي, ٻڌندڙن جا ٺاهہ ٺاهہ ڳوڙها ڳڙندا ڏٺا هئا. علامہ اقبال جي شاعري پان اسلامز جي زبردست حامي هئي. هو ڏڙا ڏڙ ڪتاب لکندو ويو. اردوءَ ۾ هُن ٻيا بہ ڪتاب بالِ جبريل ۽ ضرب ڪليم لکيا

۽ فارسيءَ ۾ پيامِ مشرق، اسرارِ خودي، رموزِ خودي، پس چہ بايدڪرد اي اقوام شرق؟ ۽ جاويد نامي جهڙا ڪتاب لکيا. غالباً مون هن جي اُها ٿيسس بہ پڙهي هئي، جا لکي، هن جرمنيءَ مان پي.ايڇ.ڊيءَ جي ڊگري ورتي هئي. اقبال جي شاعريءَ جي مقبوليت وقت منهنجا شڪارپور ۾ دوست حبيب الله پٺو ماستر عبدالله، مشتاق ابڙو نعيم صديقي، لعل محمد لعل ۽ احسان بدوي هوندا هئا. اسان سڀني علامہ اقبال جا سيئي ڪتاب پڙهيا هئا ۽ انهيءَ تي بحث ڪندا هئاسين. نعيم ۽ لعل ٻين سڀني کان وڌيڪ متاثر هئا.

برگسان ۽ نٽشي کي مون پوءِ ٻي. اي ۾ پڙهيو هو پر انهن جو ذڪر اڪثر ايندو هو جڏهن اسان علامہ اقبال جي شاعري تي ڳالهائيندا هئاسين، ڇوتہ اُردو رسالن، جن ۾ علامہ اقبال تي اُڪيچار مضمون ڇپجندا هئا، اُنهن ۾ برگسان ۽ نٽشي جو ذڪر علامہ اقبال جي حوالي سان ايندو هو. منهنجا بہ هندو دوست هوندراڄ داس ۽ بهاري ڇاپڙيا هوندا هئا، جن سان ملي مون "سدرشن" رسالو ڪڍيو هو تڏهن مان ٻئي درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس. ٻنهي جو ذڪر مان اڳ ڪتابن ۾ ڪري آيو آهيان. مون وٽ ڪافي وقت نہ آهي تہ اڳيان لکيل ڪتاب پڙهي ڏسان، جيئن هن ڪتاب ۾ ڪوئي ورجاءُ نہ ٿئي، زندگي مختصر آهي ۽ مون ايترو تہ گهڻو لکيو آهي، جو ان جو ٻيهر مطالعو ڪريان، اهو ممڪن نہ آهي. جي هن ڪتاب ۾ ڪوئي واقعو يا خيالن جو اظهار ٻيهر ٿي ويو هجي تہ اُن کي نظرانداز ڪيو وڃي.

مون علامہ اقبال واري دؤر جو ذڪر ٿي ڪيو. ان وقت هندو ٽئگور جي شاعريءَ جي نشي سان سرشار هئا. ان ڳالهہ تي هنن کي افسوس نہ ٿيو تہ هنن هڪ عظيم مسلم قوم پرست شاعر وڃايو آهي، جنهن جي شعر ۾ پهاڙي نديءَ جي رواني آهي، جا مون بحرين ۾ سواتي نديءَ ۾ يا بالاڪوٽ لڳ ڪنهار نديءَ ۾ ڏٺي هئي. اقبال جي شاعريءَ ۾ بي انتها ترنم، رواني، قوت ۽ جدت هئي، جا ٽئگور ۾ بہ نہ هئي. ٽئگور جي شاعري گنگا ۽ جمنا تي شفق جي رنگ وانگر پنهنجو مثال پاڻ هئي، پر اقبال جي شاعريءَ جي ڪيفيت بہ اهڙي هئي، جا هن جي لفظن ۾ "هزار سال نرگس پنهنجي بي نوريءَ تي روئيندي آهي، تڏهن مشڪل سان چمن ۾ ديده ور پيدا ٿيندو آهي." هندو نذرالاسلام کي ٽيڪر ڏيئي هڪ سطحي قوم پرست شاعر جي شاعريءَ کي اڇاليندا هئا، جو پورو پڙهيل بہ ڪونہ هو ۽ هڪ پوليس هيڊ

ڪانسٽيبل هوندو هو. قائد اعظم کي بہ هنن ساڳيءَ ريت وڃايو. هنن گانڌيءَ جي ڌوتيءَ، ٻڪريءَ ۽ چرخي کي وڏيڪ اهميت ڏني، هڪ نهايت مهذب مغربيت پسند سياستدان کي پوري اهميت نہ ڏني، ڇوتہ هو مسلم هيو! دراصل هڪ هزار سال مسلمان حڪومتن هنن تي جو جبر ۽ ستم ڪيو هو اُن کي هو قومي ٻڌيءَ لاءِ وساري نہ سگهيا ها ۽ اُهو اڄ بہ جي. پيءَ مان برملا اظهار جي رهيو آهي ۽ بابري مسجد جو واقعو اُن جو واضح ثبوت آهي.

اڳئين پيري پارت ۾ منهنجي سنڌي هندن ڪافي آجيان ڪئي هئي، پر جڏهن اسان اُلهاس نگر ۾ وياسين تہ ميزبانن اسان کي هڪ اسڪول جي ڪمري ۾ ويهاريو. مون هڪ ڌوتي بند هندو ڏٺو جنهن جي منهن مان ڪٽرپڻو ظاهر هو. هُو ڪجهہ پنڌ تان اسان ڏانهن ڏسي، هٿ ڪٽي رڙيون ڪري رهيو هو. مون پانيو تہ هو اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو آهي ۽ انڪري نند جويريءَ ۽ موهن ڪلپنا وغيره هن کي اتان ڌڪي ڇڏيو پر منهنجي پڇا تي تہ هن ڇا تي چيو ڪوئي معقول جواب ڏئي نہ سگهيا. اها ذهنيت سنڌ جي هندوءَ ۾ تمام گهٽ آهي. مان ۽ زرينا هنن جي گهرن ۾ ڪائيندا هياسين. هنن اسان جي ڪافي خدمت بہ ڪئي هئي. جئپور ۾ تہ هاءِ ڪورٽ جي هڪ سنڌي جج اسان جي دعوت ڪئي ۽ هڪ سنڌي ڊِي آءِ جي، جو خود اديب هو اسان سان سارو وقت اسان جي مدد لاءِ گڏ هوندو هو. هتي قطع ڪلامي ختم.

جڏهن مون اخبارن ۾ 1935ع واري ائڪٽ جي اليڪشن جي باري ۾ پڙهيو تڏهن منهنجي سياست جي مطالعي ۾ دلچسپي وڌي. ان دؤر ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل مراٺي، گجراتي ۽ بنگاليءَ جا ناول مون "سندر ساهتيہ" ۽ "رتن" ۾ پڙهيا ها. ٽئگور جا جيڪي بہ ناول ۽ شاعريءَ جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ها، اُهي بہ پڙهي ڏٺا ها. ان کان سواءِ شرت چندر چٽر جي ۽ ٻين بنگالي ناول نويسن جا ڪتاب بہ پڙهيم، جن ۾ حب الوطنيءَ جا جذبا هيا.

اوچتو زرينا اچي چيو تہ، "پنج وڳا آهن. ماضيءَ جون کهڙيون کهاٽيون وٺو لکين؟ هل تہ هلون سي بريز تي!"

مون هن کي چيو تہ "اڄ تہ اجا ڪجهہ بہ نہ لکيو آهي پر هل تہ اهو فرض پورو ڪري اچون." ساڳي ٻهر جي پيلن گلن جي خوشبو ساڳو پنڌ. رستي تي ڪلهہ وانگر بينچ تي بہ پوڙها وينا ها، جن مان هڪ کي پالتو ڪتو هو

جنهن جي گلي جي پٽي ۾ رسي پئي هئي. اهي دنيا جي ٻين ڪروڙين اڻ واقف انسانن وانگر ها؟ انهن کي پنهنجون زندگيون هيون، پنهنجا خاندان ها، پنهنجي لوڀ لالچ ۽ پئسي جي چوس هئي. مون ڏٺو تہ سامهون سمنڊ تي ڳرڙل تي اُڏريو. ڪرڙل پاڻيءَ جو باز ٿيندو آهي ۽ مڇي ماريندو آهي. پرسان ڪنڌيءَ تي ڪيئي ڪانو وينا ها، جيئن گوا ۾ مون ڪولينگٽ بيچ تي ڏٺا ها. ڪهڙي خبر تہ اُهي ماڻهو من ۾ ڪرڙل وانگر ها يا ڪانو وانگر ها؟

ڏنڌي ۾ پاڪستان ۽ هندستان ۾ ڪجهہ بہ ڪري ٿو سگهجي؟ ڳاڙهن مرچن ۾ سرن جو ٻورو ڪارن مرچن ۾ پپيتن جا ڪڪڙا، ڏاڻن ۾ گڏهہ جي لِڏ، لوڻ ۾ ڪلر، کير ۾ پاڻي، ڏهيءَ ۾ سستو کير جو پائوڊر گهہ ۾ پيئنل پٽاٽا، هوٽلن تي مئلن جانورن ۽ مُئل ڪڪڙن جو گوشت، ڪڪڙ جي آنن جي جاءِ تي ڪڇونءَ جا آنا، تريل شامي ڪبابن ۾ ڪوئن جو قيمو ٿيل گوشت، چپس جي ترڻ وقت مئل ڳئن، مينهن، گهوڙن ۽ گڏهن جي چربيءَ جو استعمال. مطلب تہ هتي انسان ڏنڌي ۾ ڪجهہ بہ ڪري سگهن ٿا! هتي زنا جي سزا موت آهي، پر هھڙن گناهن جي سزا معمولي ٿيپ آهي: اڳئين يو.ايس. ايس. آر ۾ ان جي سزا فائرنگ اسڪئاڊ هئي.

هُتي ڪيڏي نہ سڪ آهي، سنڌي اديبن ۾ نارائڻ شيام لاءِ. هِتي تہ احمق مون کي آلن ٿوئن ۾ جلائڻ چاهن ٿا!

سامهون پاڻيءَ تي روشنيءَ جي رستي وانگر سڌي ليڪ هئي، جنهن تي لهندڙ سج سفر ڪري، ڪنهن ڪرهي وانگر گوڏا کوڙيا! چوڌاري دونهين جا ڪڪر چانئجي ويا، جن ۾ سج گم ٿي ويو.

پريان سمنڊ جي سطح کان ڏهہ يا پندرهن فوٽ مٿي بند هو جنهن تان هڪ ڊگهي مال گاڏي آهستي آهستي وڃي رهي هئي. هن وقت منهنجي زندگي بہ سمنڊ پرسان ان مال گاڏيءَ وانگر آهي. تيز رفتاري چڱي نہ آهي. ڪلتي ڪائيندي ويرم نہ ڪندي آهي.

مون کي اوچتو گوا ۾ پڻجيءَ تي 1970ع ۾ ٿهيل پل ياد آئي، جا پڻجيءَ کي بستيءَ سان ڳنڍي رهي هئي. 1985ع ۾ ان جو هڪ حصوصبح جو پاڻيءَ ۾ اچي ڪريو هو. شيام جئسنگهاڻي پنهنجي ڪتاب 'گواني منظر' ۾ ان تي نثري نظم "مئل صليب" بہ لکيو آهي، هن ساڳئي ڪتاب ۾ نارائڻ شيام تي هڪ خوبصورت نثري نظم ساموندي جهاز جي درياءَ مان لکيو آهي.

”ڀنڀير ڪي جي جاڳ،
وشال سامونڊي الوڪ ۾
غئبي نور ڪنيو جرڪندڙ
اڪيلو تارو
لڳي ٿو تہ نارائڻ شيام آهي.“

مون زرينا تي سوچي من ۾ چيو تہ مون هن تي ڀهاج چو وڌي؟ هن ۾ ڪهڙي ڪمي هئي؟ شفق جو ڀاچائون، هن جي منهن تي پئجي رهيو هو جنهن تي عمر جا ڪجهہ پيرا پئجي چُڪا ها. پنهنجي ٻيءَ زال اقبال، جنهن کي مون سال پنجهٺ ۾ طلاق ڏني هئي، اُن مان مون کي تي ٻار هئا. ڪيتري وقت ڪانپوءِ هن ٻي شادي ڪئي، پر اها بہ گهڻو وقت جٽاءَ ڪري نہ سگهي. ٻي شاديءَ مان هن کي هڪ ڌيءَ آهي. هوءَ ريشم جي ماسات هئي ۽ جڏهن پڙهندي هئي، تڏهن منهنجي ڪئينس روڊ واريءَ آفيس ۾ اهي تحفا کڻي آئي هئي، جي ريشم مون لاءِ آمريڪا مان آندا ها. هوءَ ريشم کان بہ وڌيڪ خوبصورت هُئي، جنهن تي مون کي ڀٽائيءَ جو نوري تماچيءَ مان بيت ياد آيو:

ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اکڙين ۾،
تن تماچيءَ چام جو ناڀون پايو ني،
عشق ايئن ڪري، جئن چارو چام ڪُلهي ڪيو.

پوءِ تہ تقدير مون لاءِ سُرڪڻ ڦاهي ٿاهي. هُن سان جيڪو بہ وقت گذريو اُن لاءِ مون کي هن سان ڪا شڪايت نہ آهي، ڇو تہ هوءَ الهڙ هئي غلطي ساري منهنجي هئي. جيستائين مون هن مان گلو خاصي حاصل نہ ڪئي، تيستائين مون کي سجاوتيءَ جو سخت سور پوندو هو. ڇئن جي ننڊ نہ ايندي هئي.

مون ٻڌو آهي تہ هن جي ننڍي ڀيڻ ملڪا ۽ ماءُ گذاري ويون آهن ۽ هن جي وچين ڀيڻ، جا خان بهادر الله بخش سومري جي نُنهن آهي ۽ مرحوم صمد سومري جي بيوه آهي، هڪ سجنيده مزاج ۽ ذميدار عورت آهي. مون ٻُڌو آهي تہ هوءَ اقبال ۽ ماءُ تي ناراض هئي. ڪهڙي ڪارڻ، اها مون کي خبر نہ آهي! مون طلاق کان پوءِ اقبال کي وساري ڇڏيو آهي. هن جي پڇار نہ ڪئي آهي ۽ هن لاءِ مون ۾ ڪوئي رنج نہ رهيو آهي. هوءَ مون کان ائين وسري چڪي آهي، جيئن وساٽل ڏيئو پتنگ کان وسري ويندو آهي. جڏهن مون

هن کي طلاق ڏني هئي تہ ائين لڳو هو تہ ڄڻ مون ڪائي ڏکندڙ هوڙ جنبور سان ڪڍائي آهي، پر ڪجهہ وقت لاءِ رت ڳاڙي هميشہ لاءِ آرام اچي ويو هو. اهو اهڙو الميو هو جنهن لاءِ تقدير کي گهوگهو ڏئي سگهجي ٿو.

سي بريز تان موٽي مون ماني ڪاڌي. هاڻي تہ غالب وانگر ساغر ۽ مينا اکين آڏو بہ نہ ٿو رکان. منهنجون يادگيريون اُهي مئخانا آهن، جن ۾ هڪڙا ساقي اچن ٿا، ٻيا وڃن ٿا. جام ۽ مينا پٽ تي پيا آهن ۽ اڪثر ساقين کي ننڊ اچي وئي آهي.

ماني کائي ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مون دل جي دوا کائي ۽ ننڊ لاءِ ويليم فائيو کائي، سُر ميگهہ ملار هلايو. ڇو تہ رات جو لڪان ٿو تہ مون کي ننڊ نہ ٿي اچي. اٽڪل 12 بجي ننڊ آئي. مون خواب ۾ ڏٺو تہ ”مان منهن مونن ۾ وجهي ريل جي پٽي تي وينو آهيان. مون اجا منهن مٿي ڪيو تہ ڏٺم تہ مَنو هڪ اچي ڪبوتريءَ وانگر اڏامي اچي ريل جي پٽي تي ويٺي. هن پڇيو تہ ”تون هيڏو پنڌ ڪري ڇو آيو آهين؟ ڇا توکي اجا آس آهي تہ ٽرين شڪارپور موٽي سگهندي؟ اُن جي انجڻ ڪٽجي وئي آهي ۽ ڊرائيور مري چُڪا آهن. ڪيڏو وقت ٿيو تہ ٽرين شڪارپور مان هلي هئي، تہ تون اُن کي لڙڪي پيو هئين. ڪافي پنڌ-گهلجي هيٺ ڪريو هئين ۽ وري اُٿي ٽرين جي پٺيان ڊوڙڻ لڳو هئين! مان دروازي مان توکي ڏسندي رهيس. بہ ٽي پيرا تہ جيءَ ۾ آيو تہ ٽرين مان ٽپو ڏيان، پر مان ائين ڪري نہ سگهيس! جڏهن ٽرين ڪوڪرا پار پهتي، تڏهن منهنجون سهيليون ڪلڻ لڳيون، پر منهنجين اکين ۾ اهو سوچي ڳوڙها پرجي آيا تہ مان ڪيڏانهن ٿي وڃان ۽ وري واپس اچي سگهنديس يا نہ؟ ڇا تون سمجهين ٿو تہ هيءَ انجڻ نئين ٿي سگهندي ۽ اُن کي نوان ڊرائيور ملي سگهندا؟ مون ٻڌو آهي تہ ٻوڏ ريل جا پٽا اُکيڙي ڇڏيا آهن، اُهي ٽڪرا ٽي الڳ ٿي ويا آهن ۽ اُنهن جا نٽ بولٽ ڳولئي نہ ٿا لين. عرصي کان ٽرين نہ هلي آهي ۽ منهنجا وار اڇا ٿي ويا آهن. تون فقط مون کي اهو ٻڌاءِ تہ شڪارپور ۾ ڪاري نهائينءَ پرسان اسان جي جاءِ سلامت آهي؟ ان جي ڇنڊ ڦوڪ ڪنهن ڪئي هوندي، ڇو تہ اتي ڪوئي اڇٹو نہ آهي؟ تون موٽي وڃ! ڪيڏو پنڌ ڪري ٿڪجي پيو آهين ۽ ساهي پٽڻ لاءِ ريل جي پٽي تي ويهي رهيو آهين! هاڻي شڪارپور ڏانهن ڪائي ٽرين نہ ويندي“

مون کي اوچتو خواب مان ٻي بجي رات جو جاڳ ٿي، تڏو ساهہ پريم ۽

صبح تائين ننڊ نہ آئي. خواب کي ساري مون سوچيو تہ، "ماٺهو ڪي موسمي پکي تہ نہ آهن، جو مُند تي ساڳي هنڌ موٽي اچن. هو اُڏري ٻئي هنڌ آکيرو اڏن ٿا ۽ اڳئين وڻ کي وساري ڇڏن ٿا! هڪ لامر نہ تہ ٻي لامر، لُڏڻ لاءِ دور دور تائين وڻڪار آهي!"

مون ڳالهہ تي ڪئي ڪاڏي ۾ ملاوٽ جي. هتي سرمايہ دار جو ضمير مري چڪو آهي ۽ تاريخ گلوٽين تکي ڪري رهي آهي. چڳو تہ سرڪار فصل تي ٽئڪس هنئي آهي. ڏسون ٿا تہ زميندار ٽئڪس صحيح ٿا ڀرن يا ڪامورن کي رشوت ڏئي جان ڇڏائي ٿا وڃن! اهي ئي تہ ووٽ بئنڪ آهن ۽ هن وقت تائين ڪنهن بہ حڪومت، انهن کي هٿ نہ لاتو آهي ۽ هو اڃا مڇون مروڙي، بوسڪيءَ جو چولو ۽ سٿڻ پائي ٿا گهمن! پاڪستان ۾ مٿيون طبقو جيترو ڪُپتيو ڪوتوءَ ۽ بي ايمان آهي، اوترو شايد ئي دنيا جي ٻئي ڪنهن ديس ۾ هجي!

هاڻي وري اڳتي، غم دنيا جي گود ۾ ڇڪجي رهيو آهيان. علامہ اقبال چيو آهي

*دوڑ پیچھے کی طرف اے گردشِ ایام تو*

مان موٽي سوچان ٿو تہ هندستانين کي چيو ويو هو تہ هٽلر جي خلاف جنگ ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ جمهوريت کي بچايو وڃي. هٽلر هڪ آڪٽوپس (اٺ پيرو سامونڊي ساهوارو Octopus) وانگر ديس پٺيان ديس پنهنجي قبضي ۾ آڻي رهيوهو. گانڌيءَ چيو تہ انگريزن جي مدد ڪئي وڃي. پر نهرو ۽ ٻيا ڪانگريس جا ليڊر ان ڳالهہ جا مخالف هيا. بوس تہ انتها پسند هيو ۽ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو ۽ اتحادي ڌر جي مخالف قوتن جو ساٿي ٿيو هڪ فارسيءَ جو شعر ٿو ياد اچي:

*گاہے گاہے باز خواں آں قصۂ پارینہ را،*
*تازہ خواہی داشتن گر داغہائے سینہ را.*

(ڪڏهن ڪڏهن اُن پراڻي قصي کي دهراءِ، جي تون سيني جا ڦٽ هريا ڀريا رکڻ ٿو چاهين!)

1935ع واري ائڪٽ تحت اليڪشنون ٿيون ۽ صوبن ۾ ذمي وار

حڪومتون ٺهيون، تہ ڪانگريس هندو اڪثريت وارن صوبن ۾ اختيار ۾ آئي ۽ اُها مسلمانن جي نمائنده جماعت نہ ليکي وئي. تشدد پسند بنگالي قوم پرست سباش چندربوس ۽ گانڌيءَ ۾ ٽڪر ٿيو جڻ شينهن ٻڪر کي ٽڪر هنيو. 1939ع ۾ بوس ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿيو پر گانڌيءَ سان اختلاف جي ڪري هن کي ڪانگريس ڇڏڻي پئي ۽ هن فارورڊ بلاڪ ٺاهيو جنهن ۾ سنڌ مان پرچي وديارٿيءَ شموليت حاصل ڪئي، جيئن مان آتم ــ ڪهاڻيءَ جي جُلد ٻئي ۾ لکي چُڪو آهيان.

فرار کان پوءِ بوس انڊين نيشنل آرمي ٺاهي. جڏهن ساري ڏکڻ اوڀر ايشيا تي جپاني قبضو ڪري ويا ها. ڪرپس مشن ذري گهٽ هندستان جي آزادي تسليم ڪئي، پر تيستائين جپاني برما فتح ڪري آسام ۾ امفال تائين پهتا ها. تعجب جي ڳالهہ آهي تہ ڪرپس مشن ناڪامياب ٿي هُئي. دراصل دنيا لاءِ اشتراڪي فاشزم ۽ هٽلر جي فاشزم ۾ ٿورو فرق هو ۽ نهروءَ جهڙو بي خبر جذباتي اتحادين سان شامل نہ ٿيو. هو پنهنجي خوابِ خرگوش مان تڏهن جاڳيو جڏهن چين هندستان تي حملو ڪري هن جي پنچ شيلا پاره پاره ڪري ڇڏي.

انگريزن مصلحتاً گانڌيءَ کي پس منظر ۾ ڏڪيو. نهرو ۽ جناح کي اڳتي آڻي، اُنهن ۾ ناهہ جي ڪوشش ڪئي.

لارڊ ويول نيڪ نيت ۽ هڪ شريف وائسراءِ هو. هن جي ڊائري پاڪستان ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڇپائي آهي. اُن ۾ مون پڙهيو هو تہ جڏهن هن جي جاءِ تي لارڊ مائونٽ بيٽن کي مقرر ڪيو ويو هو، تہ هن مائونٽ بيٽن کي اقتدار جي منتقليءَ وقت بہ فائيل سپرد ڪيا ها، جن ۾ هڪ فائيل ديوانگيءَ واري ڪاروائي (Operation Madness) بہ هيو. مائونٽ بيٽن هندستانين کي اقتدار جي منتقليءَ جي تاريخ مقرر ڪئي ۽ اليڪشن ڪرائي. اليڪشن کان اڳ ۾ چوڌري خليق الزمان شڪارپور آيو هو جتي شيخ واجد علي مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ هو ۽ چوڌري صاحب جي تقرير لاءِ پير صالح شاهہ جي اوتاري ۾ بندوبست ڪيو ويو هو. تقرير وقت آءٌ بہ موجود هوس. تقرير کان پوءِ ليگي ترانو ”مسلم هي تو مسلم ليگ ۾ آ!“ ڳاتو ويو ۽ پوءِ جلسو ختم ٿي ويو. مان ياناين ٿو تہ جلسي وقت يا اُن کان ٿورو وقت پوءِ جي. ايم. سيد شڪارپور ۾ آيو هو. اُن وقت هو ڪٽر مسلم

ليگي هو. ڪيئي سال پوءِ جڏهن جمال ابڙو سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري هو تڏهن هن مون کي ٻڌايو تہ هُن اسيمبليءَ جي فائلن ۾ جي. ايم. سيد جي اها تقرير ڏٺي، جا هن پاڙ ڪئي هئي. جنهن ۾ سيد چيو هو تہ "اسان هندن کي سنڌ مان ائين تڙي ڪڍنداسين، جيئن يهودين کي اسرائيل مان تڙي ڪڍيو ويو هو."

ادا اختر جو مسجد منزل گاهہ واري ڪيس ۾ واجد عليءَ سان گڏ جوابدار هو سو جي. ايم. سيد جو دوست ۽ مداح هو ۽ شڪارپور ۾ هن وٽ ويندو هو. اُنهيءَ مون کي چيو تہ، "هتي واڌل لوهر جي آڪاڙي پرسان جي.ايم.سيد رهيل آهي، هل تہ هُن سان ملي اچون. سيد وڏو فلسفي آهي."

"ڇا جي لاءِ؟" مون هن کي مختصر جواب ڏنو.

اُن وقت ڪنهن کي خبر هئي تہ تقدير مون کي هن جي پيرن وٽ ڦٽي ڪندي.

اليڪشن ڪان پوءِ مسلم اڪثريت واري ايراضيءَ ۾ مسلم ليگ جي ڪاميابيءَ سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. شڪارپور جا وڏا سيٺيون اڳ ئي خان بهادر الله بخش سومري جي حمايت ڪري رهيا ها. انڪري هو اليڪشن ۾ ڪٽي ويو هو.

وزيراعظم اٽليءَ ڪئبيت مشن موڪلي، تہ اُن صورت حال جو جائزو وٺي ۽ اُن ورهاڱي جي سفارش ڪئي ۽ هندو مسلم فساد لاءِ فضا پيدا ڪئي. جڏهن هندستاني آرماڙ ۾ بغاوت ٿي ۽ آفيسرن ۾ بي چيني پيدا ٿي ۽ انگريزن ۾ بي ڪئناني پيدا ٿي، تڏهن انگريز سرڪار هيسجي وئي ۽ اُن پاڪستان جناح کي پليٽ تي رکي ڏنو ۽ نهرو ليڊي مائونٽ بيٽن جي عشق ۾ انڌو ٿي تقسيم تي متفق ٿيو.

آزادي 15 آگسٽ تي ملي، پر گانڌي اُن جي جشن ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن دهليءَ ۾ فساد ٿيا تہ گانڌيءَ 16 جنوريءَ تي بيو ورت رکيو جو هن تڏهن پورو ڪيو جڏهن هندن ۽ مسلمانن عهد ڪيو تہ اسان هڪ ٻئي سان گڏ رهنداسين.

20 جنوريءَ 1948ع تي هڪ 35 سالن جي هندوءَ نٿو رام گاڊسي گانڌيءَ کي روالور جي گولي هڻي ماري وڌو ۽ هو "هاءِ رام" چئي ڪري پيو ۽ مري ويو. هن کي گاڊسي ان ڪري گوئي هنئي هئي، ڇو تہ گانڌيءَ هندو ۽

مسلمانن جي وچ ۾ خون ريزي نہ ٿي چاهي. اهو سارو لرزہ خيز داستان لئري ڪالنس ۽ ڊامينڪ لاپيئريءَ جي 'اڌ رات جي آزاديءَ' (Freedom at mid night) ۾ لکيل آهي. پوءِ قتل، ڇري، چاقو ۽ پستول جو استعمال پڙهي، لونءَ لونءَ ڪڙي ٿي وڃي ٿي. "جئہ رام جي ڪي" "ست سري اڪال"، "الله اڪبر" جا نعرا آسمان تائين گونجڻ لڳا ۽ ماڻهو انهن ڪڪڙن وانگر ڌرتيءَ تي ڦٿڪڻ لڳا، جن کي تڪبير ڏني ويندي آهي.

مون کي لينن گراڊ ۾ بانو قدسيہ جڏهن چيو تہ "نفرتون ڪيئن وسرنديون؟ اوهان سنڌين چا ڏنو جيڪي مون گُرداس پور ۾ ڏٺو!"

مون بانو قدسيہ کان پڇيو تہ "آخر اسان کي انهيءَ نفرت مان ڇوٽڪارو ڪڏهن ملندو؟"

هن جواب ڏنو تہ "ڪڏهن بہ نہ. جيستائين اسان جو نسل زندہ آهي."

ساڳي نفرت مون هندستان ۾ ڏٺي، جڏهن صبح جو پرهہ کان اڳ ۾ تاج محل ڏسڻ ويا هياسين. صبح جا پنج وڳا ها، ولهہ ٿي وسي، اسان تاج کي سج ايرڻ کان اڳ ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو. جنهن جو ذڪر مون آتم ـ ڪهاڻيءَ جي جلد ٻئي ۾ ڪيو آهي. جتي اسان ڪار روڪي، اُتي هڪ رڪشي وارو رڪشا روڪي بيٺو هو. مون کي گرم لوئي ويڙهيل هئي. مفلر ڪنن کي ويڙهي مون ڪار جي دري ٿوري کولي. اسان اجا پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ٿي، تہ رڪشا وارو ويجهو آيو ۽ چيائين تہ "اوهان سنڌي آهيو؟" اُن وقت تاج جو دروازو نہ کليو هو ۽ پرسان ڪنهن مندر يا گرد واري ۾ ڪيرتن ٿي رهيا ها ۽ جهانجهہ بہ وڃي رهي هئي. مون هن کي چيو تہ "اسان سنڌ مان آيا آهيون ۽ تاج محل ڏسڻ ٿا چاهيون تہ تاج جهونجهڪڙي مان ڪيئن ٿو نڪري" تہ هُن ٻڌايو تہ "هو صبح جو ساجهري ايندو آهي. ڪجهہ گورا پاسينجر هن کي ملي ويندا آهن، جن کي هو رڪشا تي کڻندو آهي تہ هن کي جهجها پئسا ملندا آهن. پوءِ هن غصي مان چيو تہ اسان جهڳين ۾ ٿا رهون ۽ هي وڏو باغ هنن حرامين کي ڏئي ڇڏيو اٿائون." وڌيڪ ڳالهہ مون جلد ٻئي ۾ ڪئي آهي. معلوم نہ آهي تہ مون اڳي لکيو آهي تہ هن وڌيڪ چيو تہ "اسان آگري ۾ رهندڙ سنڌين سوچيو آهي تہ تاج تي زوريءَ قبضو ڪريون ۽ تاج جي سامهون شاهہ جهان جي محل تي بہ قبضو ڪريون." الائجي ڇا سوچي هن وري پڇيو تہ "ساڌ ٻيلي تي قبضو ڪيو اٿائون ڇا؟" مون هن کي جواب ۾

چيو تہ، ”نہ، اجا تائين نہ. فقط ان تي سيد ہيلو نالو رکيو اٿائون.“ پوءِ هن هڪ ڪن ڦاڙ گار ڏني، جا لکڻ جهڙي نہ آهي.

نفرت نفرت سان ويا وانگر وڌندي آهي ۽ ان جو علاج محبت آهي. زخم تي مرهم نہ رکبي تہ اُهو ناسور ٿي ويندو. اجا تہ انڌا اونڌا ويچ اُبتيون سبتيون ملم پٽيون ڪري رهيا آهن.

مشهور انگريز مضمون نگار چارلس لمئب جا لفظ ياد اچي رهيا آهن، جي مون بي اي ۾ پڙهيا ها ۽ اُن وقت کان دل ۾ اُڪرجي ويا ها:

“All are gone, the old familiar faces.”

(سڀ هليا ويا آهن، پراڻا آشنا چهرا)

هڪ هسپانوي پهاڪو ياد اچي رهيو آهي، ”مري ويلن ۽ غير حاضرن کي دوست نہ ٿيندا آهن.“ ويجهڙائي ۾ جي. ايم. سيد ايمرجنسي وارڊ ۾ گذاري ويو. ان کان اڳ اعجاز منگيءَ ڪاوش ۾ وڏو مضمون لکيو هو تہ ”جي شيخ اياز جي. ايم. سيد کان پڇڻ نہ ويو تہ سنڌ هن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندي“ مان سخت بيمار هوس ۽ ڪيتري وقت کان ڏاڙهي بہ نہ لاٿي هيم. پر مضمون پڙهي مون سوچيو تہ، ”چئي تہ سچ ٿو. سنڌي نوجوان انڌي گهوڙي ڪل ۾ آهن، هنن اهو وساري ڇڏيو آهي تہ مون هنن لاءِ ڇا ڪيو آهي ۽ مان ڪيتري وقت کان بيمار آهيان. هڪ ڀيري تہ مڊ ايسٽ اسپتال ۾ مري چڪو هوس ۽ منهنجي نبض ۽ دل جي دڪ دڪ هڪ منٽ لاءِ بيهجي ويون هيون. ان وقفي ۾ مون ڇا ڏٺو هو ان جو بيان پوءِ ڪندس. بهرصورت اُنهن انن نون سالن جي عرصي ۾ مون ڏانهن طبع پُرسيءَ لاءِ سيد نہ خط لکيو هو ۽ نہ ماڻهو موڪليو هو! پر هو بزرگ هو ۽ مان انعام شيخ کي ساڻ ڪري جناح اسپتال ويس. جي. ايم. سيد جو پٽ امير حيدر شاهہ آريسر ۾ ہيا فرش تي وينا ها. منهنجا ٽڙيل پکڙيل وار ۽ حالت ڏسي جي. ايم. سيد جي پٽ چيو، ”شيخ صاحب! هن حال ۾ اچڻ ضروري تہ نہ هو!“

مون هنن کي جواب ڏنو هو تہ، ”ڪافي وقت کان سائين ڪوما ۾ رهيو آهي، مان هن سان ملڻ ٿو چاهيان.“ سائينءَ جو پٽ وارڊ ڏانهن ويو ۽ موٽي اچي چيائين تہ، ”سائين ڪوما ۾ آهي. ڊاڪٽر هن وٽ وڃڻ جي اجازت نہ ٿا ڏين.“ مون ٿوري دير ۾ هنن کان موڪلايو ۽ آريسر مون کي گهر تائين ڇڏڻ آيو. هو هڪ باخلق ۽ بامروت انسان آهي. ان کان پوءِ سرڪاري

چمچن مون کان ٻہ ٽي ڀيرا پڇيو "اوهان جي. ايم. سيد وٽ ويا هيؤ؟"

"هائو." مون جواب ڏنو. "افسوس جو مان هن سان ٻہ لفظ ڳالهائي نہ سگهيس!" ڪلُور ۽ ڪُنياءَ ليک جي ليکي ۾ لڪجي وڃن تا ۽ ڪرٽيءَ جي پرٽي اَوس آهي!

جي. ايم. سيد جي موت مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون ٽالان والان ڪري ڇڏيون. دعا ۽ بددعا ٻئي اثر ڪنديون آهن. اهو مون کي ذاتي تجربو آهي. زرينا معذور ماڻهن کي هن کان پنج رپين تائين خيرات ڏئي چوندي آهي "ڏنو ٻنو آهي." اهي عوامي چوڻيون، هر فلسفي جي گهرائيءَ کان وڌيڪ گهريون آهن.

اعجاز منگيءَ جي زال جڏهن ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽيٽيوٽ ۾ هارٽ آپريشن لاءِ آئي هئي. تڏهن اعجاز سان گڏجي، مون وٽ ڪمري ۾ آئي هئي ۽ چيو هيائين تہ، "سائين! تون دعا ڪر تہ منهنجي آپريشن ڪامياب ٿئي!" مون هن کي چيو هو تہ، "تون خاطري ڪر تہ تنهنجو وارُ بہ ونگو نہ ٿيندو." مان ڪنهن مُلي وانگر دعا نہ گهرندو آهيان، منهنجا هٿ پوپٽ جي پَرَن وانگر کُلي ويندا آهن ۽ دعا خوشبو وانگر اُڏامندي آهي.

اعجاز منگيءَ منهنجي اگهائيءَ ۾ مون سان ڪيتري ڪريز ڪئي هئي، اها مان ڇاڻان ٿو! مان بستري مان اٿي بہ نہ ٿي سگهيس ۽ ايترو نبل ۽ نستو ٿي ويو هوس، جو مون کي بوٽ بہ منهنجي زال پارايو هو. ان ڏينهن کان پوءِ مون قسم کڻي ڇڏيو آهي، تہ ڪنهن بہ صحافيءَ کي گهر جي چائنٽ بہ ٽپڻ نہ ڏيندس ۽ نہ ئي انهن سان فون تي ڪوئي رابطو ڪندس. مان هونءَ بہ سنڌي وچولي طبقي جي فطرت ڏسي مردم بيزار ٿي ويو آهيان ۽ ويجهن دوستن کان سواءِ (جي اجا ويجها آهن) ڪنهن سان بہ ملاقات ڪرڻ، وقت جو زيان ٿو سمجهان.

منهنجي دعا ڪيئي ڀيرا ائين ڪامياب ٿي آهي، جيئن راسپوٽين جي ٿي هئي ۽ جڏهن مون شدت سان چاهيو آهي تہ پاڪستان ۾ ڪائي حڪومت ٽالان والان ٿئي، تڏهن اوچتو ان جا پرزا اڏامي ويا آهن. اها ڳالهہ ڪيئي ڀيرا ٿي آهي ۽ ان ۾ ڪائي ضعيف الاعتقادي مضمر نہ آهي. پر اِهو منهنجو تجربو آهي. پٺائيءَ جي هيءَ بددعا ياد آئي:

"بيگ، تنهنجي بيگي ڪونڙيءَ ۾ ڪانا!"

رشيد ڀٽيءَ وٽ منهنجي باري ۾ انهيءَ چوٽيءَ جا اٽڪل ٻہ ٽي سئو مثال ها، جن مان ڪيترا مون کي ياد آهن، پر لکڻ نہ ٿو چاهيان.

مان جڏهن سکر ۾ رهندو هوس تہ زرينا پنهنجي ڪنهن بيماريءَ لاءِ دوا وٺڻ لاءِ هڪ هندو حڪيم وٽ موڪليو هو. جنهن جي ننڍي اسپتال ميوي مارڪيٽ جي سامهون هئي. هو اندرئين ڪمري ۾ مرگهہ ڇالا تي ويٺو هو. وِچون در کليل هو. هن مون کي اشارو ڪري چيو تہ ڪُرسيءَ تي ويهي رهہ! ڪلاڪ گذري ويو مان ويٺو رهيس. نيٺ هن جي سامهون ويس ۽ کيس چيم تہ، ”منهنجي وڪالت جو ٽائيم ٿي ويو آهي، جي مهرباني ڪري مون کي دوا ڏيو تہ چڱو!“

هن جواب ڏنو ”پُٽ تون تہ وڪيل آهين. هن دنيا ۾ ڪيئي دارا سڪندر آيا، جن جو نالو نشان ڪونہ آهي. توکي ويٺو هجي تہ ڀلي وڃ! باقي دوا مان توکي پرارٿنا پوري ڪري پوءِ ڏيندس!“ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هو پنهنجيءَ مرگهہ ڇالا تان اُٿيو ۽ جنهن ڪمري ۾ مان ويٺو هوس، ان ۾ ٻيءَ مرگهہ ڇالا تي ويهي، مون کان بيماريءَ جي باري ۾ پڇيائين ۽ پوءِ هن مون کي ڪجهہ سُتيون ڏنيون ۽ چيائين تہ، ”پُٽ! تون ڏيرج سان مون لاءِ ويٺو رهئين، ان جو توکي اجر ملندو.“ زرينا ستيون وٺي ٻئي ڏينهن شام تائين چاق چڱي ڀلي ٿي وئي.

ڪڏهن انسان هَٽِي کَتِي ٿو وڃي. تا ڏُون ۽ ٽانءِ نيٺ کڏ ۾ ڪيرائن ٿا. ڀٽائيءَ سچ چيو هو تہ، ”نِمي کِمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک.“ ڏمر مون کي جيڪي ڏولاوا ڏيکاريا آهن، اُهي آءٌ ٿو ڄاڻان! اڳي ماڻهو بنيادي سچ اسان کان وڌيڪ ڄاڻندا ها ۽ مختصر لفظن ۾ ادا ڪري ويندا ها. شڪارپور ۾ اسان جي پاڙيسريءَ وٽ وڏو ڪُڪڙ هو جنهن کي وڏي ڪلنگي هوندي هئي. هن جي کَڙهہ ٻہ تير وانگر تيز ۽ ڪُنڍائتي هوندي هئي. آئي وئي ٻار کي ڦٽي وجهندو هو. هڪ ڀيري انهيءَ ڪُڪڙ ٻہ ٽي ڀيرا دس هٽي مالڪ کي ڪڇيءَ ننڍ مان اُٿاريو. هن بہ ڪٿي هم نہ ٿم ۽ هن کي ڦاسائي سير ڏنائين ۽ گهڙيءَ ۾ ٻوٽي ٻوٽي ٿي ويو. ڪلنگيءَ وارا ڪاوڙ گهٽ ڪن تہ چڱو!

ڪو ڏينهن نہ ڪنهن جهڙو، ڪنهن وقت بہ ڪُواءُ گهلي سگهي ٿو. هلنديءَ ۽ سمرٽيءَ جو ڪوازو ڪنهن وقت بہ ڇڄي سگهي ٿو. هاڻي تہ منهنجي لکت مت جي منڊ ٿي وئي آهي. ڇا هي ميرا من اُن ۾ اُجرا ٿي سگهندا؟

سارو ڏينهن تخليقي سوداءَ ۾ آهيان. ننڊ ۾ ڪهڙا نہ عجيب وغريب خواب ٿا اچن. مون ڪالهہ رات خواب ۾ ڏٺو تہ مان سُسي پوئنر جيترو ٿي ويو آهيان ۽ گل گل تي پيرا ڏئي رهيو آهيان. زرينا سامهون بيٺي آهي. مان هن کي ڪيئي سڏ تو ڪريان، پر هوءَ ٻڌي نہ ٿي. هوءَ پاڻ بہ سُسندي وئي ۽ تاريءَ تي گلاب جي گل جيتري ٿي وئي. پوءِ هوءَ منهنجا سڏ وراڻي چئي ٿي، ”مان ٻڌان ٿي، ڪو ٻوڙي تہ نہ آهيان. مان هن کي چوان ٿو تہ مان پري پري ٽڪجي پيو آهيان. ان تي هوءَ چوي ٿي، ”پوءِ ٽِر ٽانءِ ڇو نہ ٿو ٿئين؟ اچ، منهنجي تاريءَ تي ويهہ. مان توکان گُنجار تہ ڪونہ ٿي ڪسيان؟“

ننڊ ڪيئي گهنڊ آهي. مون کي 4 بجي علي الصبح جو جاڳ ٿي ۽ ساڳي صدين جي سوداوَ ۾ غرق ٿي ويس. ”مان ڪير آهيان؟ هي سڀ اسين ڇا ڏسي رهيا آهيون؟ اسان جو ان ۾ ڪارج ڪهڙو آهي؟ ڇا اسان پنهنجي جَم کان اڳ ۾ وجود ۾ هئاسين؟ جي هائو ، تہ اسان جي ڪهڙي حالت هوندي؟ اسان جي وجود جي حقيقت ۽ ماهيت ڇا آهي؟ انساني زندگي ڇا آهي؟ ڇا اسان کي هتي موڪليو ويو آهي؟ جي ها، تہ ڇو موڪليو ويو آهي؟ اها ازلي هستي ڪهڙي آهي، جنهن اسان کي هتي موڪليو آهي؟ هن سنسار جي ليلا ڇا آهي؟ هي ائين ڇو آهي، ٻي ڪنهن ريت ڇو نہ آهي؟ هن حقيقت جي معنيٰ يا مراد ڇا آهي؟ خدا جو وجود ڪيئن آهي ۽ انسان جا ان سان ڪهڙا تعلقات آهن؟ مڪان ڇا آهي؟ زمان ڇا آهي؟ ڇا هن سنسار جو تاجي پيٽو نيٺ ڇڄي پوندو؟ جي ائين آهي تہ ڇو ۽ ڪڏهن؟ موت ڇا آهي؟ موت کان پوءِ ڇا آهي؟ ڇا سچ پچ موت اذيتناڪ آهي؟ (ان سوال جي جواب جو مان عيني گواهہ آهيان) جي موت اذيتناڪ آهي تہ ان اذيت مان اسان نجات ڪيئن پائي سگهون ٿا؟ ساري اسرار کي ڪيئن سمجهي سگهون ٿا؟ جي مون کي پنهنجو پاڻ پاڻو آهي، تہ انهن سوالن جا جواب اشد ضروري آهن. سڪر ۾ چنڊ لهرين ۾ لڏي چوندو هو تہ”پَل تان ٽپو ڏيئي مون ڏي آءُ تہ مان توکي انهن سوالن جا جواب ٻڌايان ، ان اسرار جي واءُ جي هر جهوٽي، لهر جي هر ليڪي کي خبر آهي!“ پر مان اهو سوچي گهر موٽي ايندو هوس، تہ جي مان ائين ڪندس، تہ ان اسرار کي شاعريءَ جي جار ۾ ڪيئن ڦاسائي سگهندس؟ مان چنڊ تہ نہ آهيان تہ پاڻ کي ان اسرار جو آئينو بنائي سگهان.

اوچتو مان سنت ڪبير تي هڪ اردوءَ ۾ ڪتاب ڪڍان ٿو جنهن جي پهرين صفحي تي عربي رسم الخط ۾ هن جو ڇؤسٺو دوهو لکيل آهي:

”ہم باسی اُس دیس کے جس پار برہم کا کھیل،
دیپک جلے اگم کا، بن باتی بن تیل،
ہم باسی اُس دیس کے جہاں جاتی ہر حسن کل ناہیں
شبد ملاوا ہو رہا، دیھ ملاوا ناہیں.

(اسان ان ديس جا رهواسي آهيون، جتي پار برهم (خدا) جو کيل آهي. آگم جو ڏيئو ٿو ٻري، وٽ کان سواءِ ۽ تيل کان سواءِ.

اسان انهيءَ ديس جا رهواسي آهيون. جتي ذات پات جو ورهاڱو نہ آهي ۽ وشنوءِ برهما جو ڪل بہ ڪونہ آهي.

شبد تہ ملي ٿو سگهي، ديهہ ملي نہ ٿي سگهي؟)

مان ڄامشوري ۾ صبح جو ڏاڍو ساجهري اٿندو هوس ۽ گلن جي وچ ۾ گهمندو هوس، تہ مٿيان سوال منهنجي من کي بي چين ڪري ڇڏيندا هئا، جيستائين پکي وڻن ۾ چهہ چهہ ڪندا هئا ۽ اهو نہ ڄاڻندا هئا تہ ٽيليفون جي تار مان ڪهڙي گفتگو ٿي رهي آهي! ۽ ٽيليفون جي تار تي اچي ويهندا هئا. مان بہ ٿي رابيل جا گل تاريءَ ۾ سنگهي بنگلي ۾ موٽي ايندو هوس. زرينا منهنجي ماني بورچياڻيءَ کي پچائڻ لاءِ نہ ڏيندي هئي. ناشتي ۾ ڪارن فليڪس، کير، نارنگيءَ جو جئم ۽ ڊبل روٽي هوندي هئي. ڪنهن وقت جئم بدلائي چيري يا ڪاريءَ ڪشمش يا اسٽرابيريءَ جو رکندي هئي. هيءَ عورت جا منهنجي مقدر ۾ هئي ۽ جا جوانيءَ کان وٺي پيريءَ تائين خوبصورت رهي آهي ۽ جنهن جو وزن ساڳيو رهيو آهي، ڇو جو هوءَ روزا رکندي آهي ۽ کائيندي گهٽ آهي. انهيءَ مون سان ڪيڏا نہ ڳڻ ڏنا آهن؟ منهنجي طبيعت تي ڪيترو نہ هري مري وئي آهي؟ جا منجهند جو مون کي مرغيءَ جو پلاءُ يا تريل پلو ۽ چانور، فارين آلو جي ڪناڻ يا ڦارون جي ڪناڻ يا بصرن جا ڪنا ڳنڍ رکي ويندي هئي ۽ پوءِ پڇندي هئي تہ رات جو ڪهڙي سبزيءَ سان ماني کائيندين؟ مان هڪ ٻي بجي رات تائين بتي ٻاري پڙهندو هوس، تہ هوءَ ائين نہ چوندي هئي تہ ننڊ ٿو ڦٽائين، يا جيئن دهليءَ جي پرسان سنٿال اُتسو ملهائي ساري رات پيئندا آهن ۽ رنگ رليون ڪندا آهن، ائين خمار ۾ ڏت ٿي، ڪمري جو در کڙڪائيندو هوس، تہ هوءَ اُهو يڪدم کوليندي هئي ۽ جا فجر جي نماز لاءِ ائين وضو ڪندي هئي، جيئن گلاب جو گل ماڪ سان ڪندو آهي.

جڏهن مان باغ مان گهمي موٽندو هوس تہ پڇندي هئي، تہ ايترو صبح جو ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تہ مان هن کي جواب ۾ چوندو هوس تہ پنهنجي پاڻ کي ڳوليان پيو. هن جي منهن تي سُڪون، وضوءِ نيڪابو ورائي نماز پڙهڻ، جڻ منهنجي هر سوال جو مجسم جواب ٿي ويندي هئي. اها ساڳي ڪيفيت منهنجي سکر ۾ بہ هوندي هئي، جڏهن آلوپ پکيءَ جو آواز ٻڌي مون کي جاڳ ٿيندي هئي. اسان جو ڪوٺو چؤماڙ تي هو ۽ هيٺان ڪجهہ پنڌ تي سنڌو وهندي هئي، جنهن ۾ پرهہ جو ٻيڙيون وينديون نظر ايندﻳﻮن هيون ۽ پاڻيءَ پرسان ٻيلي مان سوين پکي قطارون ڪري آسمان ۾ اڏامندا هئا ۽ ٿوري جهونجهڪڙي ۾ پري پري ويندا نظر ايندا هئا. زرينا ڪڏهن ننڊ مان اوچتو جاڳ جي شڪايت ڪندي هئي، پر مون کي شاهہ جو رسالو ترجمو ڪرڻو هوندو هو. مان جڏهن هٿ منهن ڌوئي يا وهنجي ڪورٽ لاءِ ويندو هوس تہ اهي سوال منهنجو پيڇو ڪندا هئا. مان انهن کي عارضي طور وساري وڪالت ڪندو هوس ۽ ڪافي ڪامياب وڪيل هوندو هوس، جيلن جي ديوارن ۾ بہ اهي سوال مون کي زنده رکندا آيا. ديوارون گم ٿي وينديون هيون. قفس تيليون تيليون ٿي ويندو هو ۽ مان هڪ آزاد پکيءَ وانگر وڻن تي ڇهچائيندو هوس، يحيٰ خان ۽ هن جا پوليس آفيسر، بيورو ڪريٽس سڀ جڪ مارﻳﻨﺪا هئا، تہ مون کي قيد و بند ۾ رکيو اٿائون. ماٺهو جيل جي گيٽ مان نڪري آزاد نہ ٿو ٿئي. پاڻ ۾ پاڻ کان آزاد ٿيڻ ئي وڏي آزادي آهي! مان اڪثر اوقات قيدِ حيات ۽ بند غم مان نڪري آزاد ٿي ويندو هوس. مون کي پنهنجو انتر ڏيان، هن سرشتيءَ سان هڪ ڪري ڇڏيندو هو. اها خلا اندر ڏانهن هڪ دروازي وانگر کلندي هئي. اها سٽ، ”پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ“ مون کي شاهہ جي عظيم ترين سٽ لڳندي هئي. مان پاڻ کي پکيئڙن، وڻن ٽڻن، ندين نالن، تارن ستارن ۽ پوريءَ ڪائنات سان هڪ سمجهندو هوس ۽ پٿائيءَ جي اها سٽ، ”جرٿر تک تنوار، ورڻ ترڻ وائي هيڪڙي“، ياد ڪري هڪ عظيم هستيءَ جو احساس وڪوڙي ويندو هو. وڻڪار وليون، گل، بادل، تارا ڪتيون، اندلٺ، مينهن ڦڙيون، ڪِرڻ ترڻ، چِٽڻ، وڻن جو ٻورسان ٻوڪجڻ يا چانگي وجڻ، ساري حقيقت، پهاڙ نديون، سمنڊ، هيءَ وسيع ۽ عريض ڪائنات مون ۾ سمائجي ويندا هئا.

هڪ پيري ڄامشوري ۾ بنگلي مان ڪنهن جي رهائش تي وڃي رهيو

هوس. بارش پئجي رهي هئي ۽ مرجهايل گل چٽي رهيا هئا. انهن کي هوا، اُس، سج، ڌرتيءَ پالي وڏو ڪيو هو. اُهي هوا ۾ محوِ رقص هئا. ڪيئي پکيئڙا اُنهن جي ٽارين تي چهچائي رهيا هئا. مان پانيان ٿو تہ گلن کي ڪن ٿيندا آهن ۽ اُهي پکين جون ٻولڙيون ٻڌي سگهندا آهن. پکين کي انهن جي خوشبوءِ جو احساس ٿيندو آهي. قادر مطلق! تون اهي ڦوهہ جوڀن ۾ آٽي، مُرجهائي، ڇاٽي ڇو ٿو ڇڏين؟ هو تہ بنا شڪايت جي انهيءَ مٽيءَ سان ملي وڃن ٿا، جنهن مان اهي وڻ اُسريا آهن، جن جي ٽارين تي هو مينهن ۾ وهنجيا آهن ۽ رقص ڪيو اٿائون. پوءِ هو پنهنجي اصل ڏانهن ورن ٿا. ڇا اُهو اصل تون آهين؟ ڇا هوءَ خوبصورت عورت انهن گلن وانگر مرجهائجي مٽيءَ ۾ ملي ويٺي آهي؟ تو رنگ ۽ بوءِ کي پائيداري ڇو نہ ڏني؟ تنهنجو اسرار ڪنهن پاتو آهي؟ تنهنجي حقيقت تائين رسائيءَ لاءِ هي مجاز جي پُل ڇو آهي؟ ڇا هي مورتي پوڄا نہ آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن مان زرينا سان سارو سارو ڏينهن ڳالهائيندو هوس. مٺن مائٽن جي خير وعافيت، انهن جي موتي فوتيءَ جي باري ۾ دلچسپي وٺندو هوس. آخر سئمون دي بوار تہ هن جي مائٽياڻي نہ آهي؟ هوءَ جنهن جو مُڙس سيشن جج آهي ۽ ٻي شادي ڪئي اٿائين؟ هن جي پائٽي آهي. دلچسپي تہ اُن ڳالهہ ۾ آهي، جنهن سان هن جي دلچسپي آهي. هن جي ننڍين غمن خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، رنڊڙي ۾ هن جي پرسان موڙو رکي ويهندو هوس. هن لاءِ مارڪيٽ مان ڪيئي ٽوڪرا پرائي وٺي ايندو هوس. هنداڻا، ڏاڙهون، انجير، صوف، لُڪاٽ، چِڪو انگور، ڊاک، سنگ ترا، ڪيلا وغيره چيلهہ جيڏا ڊگها ڏنيرا، تازا ڪڳا، پلا، هر قسم جو ٻاڪرو گوشت، سياري ۾ سُڪو ميوو باداميون، پستا، سُڪل انجير، نيزا، چلغوزہ، بصري جون سڪل ڪارڪون، پوپ ۽ پسارين وٽان سُڪل ڪُنييون ۽ منڊيري وغيره وٺي ايندو هوس. پر هوءَ پاڻ ٿورو کائيندي هئي ۽ باقي ٻارن کي کارائي ڇڏيندي هئي. مُند ۾ انبن جا ڪريٽ وٺي ايندو هوس. جيڪڏهن هن کي انب جو ذائقو وڻندو هو تہ هن کي پاڻ ڦار ڪپي ڏيندو هوس ۽ جڏهن هن کي اُها وڻندي هئي تہ مون کي مارڪيٽ جي پٽ ڪوهہ سجائي نظر ايندي هئي. هن جو روح رچيل هو ۽ هن پيءُ وٽ سڀ ڪجهہ کاڌو هو هوبہ آخري عمر ۾ گهر ڏانهن ميوي جا ٽوڪرا اسٽوئرٽ گنج مارڪيٽ مان وٺي ايندو هو ۽ آنيارا ۽ ڪيرا پلا بہ وٺي ايندو هو. مون کي زرينا

جي ننڍي دنيا پنهنجيءَ دنيا کان وڌيڪ وسيع لڳندي هئي، هن کي کيرا پلا، تريل مغز جيرا، ٻڪيون، مڪئي، ٻير، پيڻ جون ڏوڏيون، لوڙهہ، ڪيروليون، خشيون، ٻنا ڪڪڙيءَ جي ڪارڪون، پڳڙا، وڙيون، ٽُل شڪڙيون، تازا پڳل پڳڙا ۽ قلا، بصر ۽ انب جي ڪتاڻ، گوءِ جا انب، ميهڙ جو مائو گهوٽڪيءَ جا پيڙا، روهڙيءَ جون ڪارڪون ۽ نيڙهيءَ جا ڏنگ ڏوڪا، شڪارپور جون ڪلفيون، ماکي، ٻوراڻي، سڳڏاسي چانور ۽ اُنهن جو پلاءُ ڏاڍو وڻندو هو. پر هوءَ پاڻ ٿورو کائيندي هئي ۽ باقي مون لاءِ ۽ ٻارن لاءِ رکندي هُئي.

ڪاڏو سڃي عمر هن پاڻ ڪيو ۽ بورچياڻيءَ کي ويجهو وڃڻ نہ ڏيندي هئي، جا رڳو بصر ڪپيندي ۽ اٽو ڳوهيندي هئي. چانور ڌوئيندي ۽ بورچيخانو صاف رکندي هئي. هن کي ڏيک وارا ۽ ڀيڪيدار ڪپڙا گهٽ وڻندا هئا ۽ ڳهہ ڳٺي جو شوق بہ گهٽ هوندو هوس. باقي رابيل جون ڪنڍيون، هن کي ڏاڍيون وڻنديون هيون ۽ اڃا تائين وڻنديون اٿس ۽ ڪڏهن ڪلفتن لڳ بازار مان هن لاءِ رابيل جون ڪنڍيون ۽ جهوڙا وٺندو ايندو آهيان شڪارپور يا سکر ۾ نہ ملندا ها. هوءَ سياري ۾ ڳائي مکڻ ۾ سُڪي ميوي جي پنجيري بہ ٺاهيندي هئي ۽ شروع ۾ اونهاري ۾ ڏهي ۾ اڌ پاءُ کن پستا پاڻ ڪُٽي ڏيڍ سير کير ۾ آئيس ڪريم ٺاهيندي هئي. اسان وٽ ٽي ريفريجريٽر هيا، جي ٻئي سامان سان گڏ دهشتگرد ڪٽي ويا. اتفاق سان اهي پراڻي سکر جا پنجئي دهشتگرد، جي اسان جي گهر مان سُئي سڳي تائين ڪٽي ويا ها، هڪ ٻيري دهشتگردي ڪندي رينجرس جي سامهون پيا ۽ گولين سان اُڏايا ويا. جڏهن زرينا سينگار ڪري ڪجهہ ڳهڻا پائيندي هئي تہ دل چوندي هئي تہ هيءَ ڪافي آهي، هن تان سڀ سوال گهوري ڦٽي ڪريان. وقفو پورو ٿو ڪريان.

هي ڪنهن چيو آهي تہ، ”عشق ئي موت جي خلاف مؤثر محاذ آهي.“

مون کي اهو ڪنهن پرٽيل عورت کي ساري ياد اڃي رهيو آهي:

“I am the dark cavalier. I am the lost lover. My arms shall wellcome you when other arms are tired.”

(مان اونداهيءَ جو شهسوار آهيان، مان پويون عاشق آهيان،
جڏهن ٻيون ٻانهون ٿڪجي پونديون، تڏهن منهنجون ٻانهون تنهنجو آڌر ڀاءُ ڪنديون.)

هڪ ڇوڪري منهنجي زندگيءَ ۾ آئي هئي، جا مون سان دور دراز سفر ۾ گڏ هئي. عشق جي ڪشش ثقل هن کي منهنجي قريب آندو هو نہ تہ مون کي خواب خيال ۾ بہ نہ هو تہ هيءَ منهنجي آغوش ۾ ايترو جلدي ايندي. پهرينءَ ملاقات ۾ جيئن مچي چار ۾ هيٺ مٿي ٿپندي آهي، ائين ڦٿڪي رهي هئي. مون هن جي پيٽ ۽ اُرهن کي ڏٺو. هوءَ ماءُ ٿي چڪي هئي ۽ هن جو پيٽ چانورن جي ڪچي ڊوڙي جهڙو لڳي رهيو هو. مون هن کي مُرن ڪان مٿي تائين ڇُهي ڏٺو هو تہ هن ۾ بجلي ڊوڙي وئي هئي. هن کي نهايت خوبصورت ڪتابي چهرو هو ۽ چاڪيلٽ جهڙا چپ هئا. هن کي هڪ دولت مند مڙس بہ هو جنهن کي هن ڇڏڻ نہ ٿي چاهيو. مون سان محبت وقت چيو هيائين "مون مڙس کي صاف چيو آهي تہ مان تنهنجي زال تہ آهيان، پر منهنجي تو سان محبت نہ ٿي ٿي سگهي."

هو اسان کي هڪ ٻئي جي آغوش ۾ ڏسندو هو تڏهن بہ ڪجهہ چئي نہ سگهندو هو. اها محبت جيتري حيرت انگيز هئي، اوتري مون کي مهانگي پئي، هڪ بيهودي ۽ ڪميني شخص جي يا وہ گوئيءَ جي ڪري.

تاجل بيوس پنهنجي اڳينءَ ڪار گذاريءَ تي نادم آهي ۽ مون تي ڪيئي مضمون لکيا اٿائين، جن ۾ شاهہ ڪان پوءِ منهنجي عظمت جو اعتراف ڪيو اٿائين، هو پاڻ بہ پنهنجيءَ ٿهيءَ جو سٺو شاعر آهي. هن سان منهنجي منتخب ڪلام جو مجموعو اشاعت جي پوئين مرحلي ۾ آهي. هن چائنا ٽائون هوٽل ۾ مون سان گڏ ستار پيرزادي ۽ رڪيل مورائيءَ جي دعوت ڪئي هئي. جتي مون ڪچا مرچ وڏل سِرڪي مان مرچ هٽائي ٿورو زياده سرڪو چانورن تي وجهي کاڌو هو. هلڪي ٿڌ هئي، مون کي زبردست کنگهہ ۽ زڪام ٿي پيو. جيستائين بهار اچي، جسم ۾ باليدگي نہ ايندي ڪافي وقت ڪجهہ لکي پڙهي نہ سگهيو آهيان.

اڄ صبح جو وري پنجين وڳي جاڳ ٿي آهي، ٻاهران ٽرڪن ۽ رڪشائن جو شور اچي رهيو آهي. هاڻي ڪبوتر اُٿيا آهن ۽ اسان جي دريءَ تي رکيل نڪر جي ٻن ٻانڌڻ مان پاڻي ۽ چوڳو چُڳي رهيا آهن ۽ "هو" "هو" جو آواز بہ ڪري رهيا آهن.

ڪنهن اجنبي پکيءَ جي پُڪار ٻُڌي اکين ۾ ڳوڙها پرجي اچن ٿا! اندرئين سنڌ ۾ هزارين پکي هوندا ها، جن جو آواز روح ۾ تير وانگر کُپي

ويندو هو. مان هتي ڪهڙي ڏہيءَ جهڙي فليٽ ۾ اچي ڦاٿو آهيان. فليٽ چوٿينءَ منزل تي آهي ۽ گهڻو ڪري لفٽ نہ ٿي هلي. مون کي دل جي بيماريءَ ڪري ڏاڪڻ نہ چڙهڻي آهي ۽ ان ڪري ڪاريڊار ۾ چڪر ڏيندو آهيان. ايترا چڪر تہ جيل جي وارڊ ۾ بہ ڏئي سگهندو هوس.

چاهيان ٿو تہ حيدرآباد هليو وڃان ۽ مضافات جا چڪر ڏيان. منهنجي هونڊا سوڪ ڪار اجائي بيٺي آهي ۽ ڊرائيور جي پگهار ذري گهٽ تاوڻ ٿي لڳي. سکر ۾ سارو ڏينهن ڊرائيور مون سان هوندو هو. هاءِ ڪورٽ مان نڪري سڌو سبزي، ميوو ۽ گوشت وٺڻ مارڪيٽ ويندو هوس. مان سکر ۾ جنهن ڪاسائيءَ وٽان گوشت پاڻ خريد ڪندو هوس، اُن وٽ پنجاهہ سٺ ڪل لٽل ڇيلا ڪُنڊين ۾ ٽنگيل هوندا ها. هُو نهايت بي رحميءَ ۽ بي ڏيانيءَ سان انهن کي ڪاتيءَ سان ڪُتي ائين ٻوٽيون ڪندو هو جڻ تہ ڪڙٻ جي ڪُتر ڪري رهيو هو. ہہ ٽي وڏا ٻڪر بہ ڪُنل ۽ ڇليل هن جي پرسان رکيل هوندا هئا، جن جو پورو ڪُهاءُ ٽيل بہ نہ هوندو هو.

جُهڙ هجي، مينهن هجي، مارڪيٽ ۾ هن جو دڪان کليل هوندو هو. هڪ ڀيري مينهن جو وسڪارو ٿي رهيو هو. مارڪيٽ ۾ گپ چڪ هئي. مان پئنٽ جا پاچا مٿي ڪري هن جي دڪان تي ويس. هن ڀيري هن جو دڪان بند هو. مون هن جي پاڙيسريءَ ڪاسائيءَ کان پڇيو تہ "هو ڪٿي آهي؟" ڪاسائيءَ جواب ڏنو تہ هو "رات دل جي بيهڻ ڪري مَري ويو. هن جي عمر چاليهہ سال هئي، پر گهٽيئي جيرا ۽ ٻڪيون چربيءَ ۾ تري کائيندو هو. اها هنن جي مرغوب غذا هئي." مون ڏٺو تہ ڪوئي ازلي ڪاسائي هن کي وڏي ڪُنڊي ۾ ٽنگي هن جي کل لاهي رهيو آهي ۽ هن جي ڪيريءَ ۽ شيردان کي ڪپي ڪچري ۾ ڦٽي ڪري رهيو آهي ۽ ڇيلا، جي هن سڄي عمر ڪُنا ها، ٺهڪ ڏئي رهيا ها. ٺهڪ ٻڌي مون ڪنن ۾ آڱريون وڌيون. پرواري ڪاسائيءَ منهنجي هٿ کي ڇڪ ڏئي چيو "اسان جو گوشت هن جي گوشت کان چڱو آهي. هو ننڍا دُنبا ڪٺي، انهن جي پيچ کي رنگ ڏئي ڇيلا ڪري ٽنگيندو هو."

"ڪنهن جو گوشت؟" مون جاڳ سپني مان ڇرڪ ڀري هن کان پڇيو.

"ٻاڪرو صاحب! دستيءَ جو چئين، سيني جو چئين، ران جو چئين ڪمر جو، گردن جو، چاپ جو جيڪو چئين، جيڪو چئين!" پرواري

ڪاسائيءَ جواب ڏنو. مون آڏيءَ اک سان هن جي سر ڏانهن ڏنو ۽ تڪڙو سبزي مارڪيٽ ۾ هليو ويس، جتي مون ڪريلا ۽ توريون ۽ ڪجهہ سِرولي انب ۽ ڪجهہ انور آتول انب ورتا.

مارڪيٽ ۾ هڪ پيري مان ميوو وٺي رهيو هوس. ساڳي دڪان تي هڪ ڊپٽي ڪمشنر بہ انب ڏسي رهيو هو. ايتري ۾ هڪ عورت ساڳي دڪان تان ميوو وٺڻ آئي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي تاءِ ۾ هٿ وجهي، هن کي پناٽڪي اُردوءَ ۾ چيائين "اڙي! تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟" ميوي وارو اُن عورت کي سڃاڻي ڦڪي مُرڪ مُرڪيو. پوءِ مون کي خبر پئي تہ هوءَ سکر جي چڪلي جي وڏشيا هئي. ڊپٽي ڪمشنر مون کي چيو "هن ہئي دڪان تي ميوو چڱو آهي، هل تہ اُتان ٽا وٺون." وڏشيا هن کي حيرت سان ڏسندي رهي. ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ "مان هن وٽ ويندو هوس جڏهن مختيارڪار هوندو هوس." انسان کي عهدو ڪيڏو نہ بي مروت بڻائي ٿو ڇڏي! واقعي بستري کان بازار تائين وڏو پنڌ آهي! نہ رڳو گناهہ پر اعترافِ گناهہ بہ ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ ٿي سگهندو آهي. ڊپٽي ڪمشنر ٻڌايو تہ هڪ سانوڻ جي رات هوءَ هن کي چڪلي جي ڇت تي وٺي هلي ۽ هوءَ واڻ جي کٽ تي رِلي پٿاري، رات جي راڻيءَ وانگر ليٽي پئي هئي. چنڊ هن تي ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪا ڇٽي جهلي بيٺو هو جيئن هن تي مينهن ڪٽيون نہ پون. جوانيءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون ٿو پڇين؟ ڳِهہَ ڳڙنديون ڳڻيون آهن! جواني ديواني ٿئي ٿي، اُن لاءِ ڪوئي گدو بندر نہ آهي! هاڻي تہ وار اڇي اڇا ٿيا آهن، پر دل ۾ آيو ٿي تہ هن کي چوان تہ "رات جو مان هئو مئو تاري تو وٽ ايندس. هن جي بدن ۾ اڃا ڪچي ڪمند جي ڇڙيءَ واري لچڪ آهي. پر اهڙي ڳالهہ بازار ۾ ڪيئن ڪبي؟" پوءِ اسان ٻنهي ڪجهہ انور آتول انب ۽ آڙو ورتا.

انور آتول جي نالي تي منهنجو ڌيان انور وڪيل ڏانهن ويو. هو انب جهڙو ڳاڙهو هوندو هو. جڏهن شاهي بازار ۾ هن جي دڪان تي آفاق صديقي، مان، شاهد لطيف ۽ ڪجهہ ٻيا مشاعري لاءِ چندي وٺڻ لاءِ هُن وٽ ويا هياسين. تڏهن انور مُراديءَ تي ويٺو هو. اڃا آفاق مشاعري لاءِ چندي جي ڳالهہ مس ڪئي تہ هن ڪيس چڙٻ ڏئي چيو "اوهان پنهنجو وقت ۽ ٻين جو پيسو بيڪار ٿا وڃايو. مون کي معاف ڪريو." پوءِ هن ايل. ايل. بي ڪري وڪالت ڪئي هئي. هو سول جو چڱو وڪيل هو ۽ مهرن جو سردار

غلام محمد خان مهر هن جو خاص اصيل هوندو هو. ماڻهو چوندا ها تہ هو محنتي هو پر فيءَ جو ايترو پڪو هو جو ڪنهن کي معافي نہ ڏيندو هو ۽ ان جي پرواهہ نہ ڪندو هو تہ ڪنهن وٽ ڳنڍ ۾ پيسو آهي يا نہ! هو ڪافي سٺو وڪيل، ڏسڻو وائسٽو ۽ ڳاڙهو ڳٽول هوندو هو. اوچتو هن کي بخار ٿي پيو. ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر رب جو علاج ڪرايائين. جنهن ۾ هن جو ايترو ويساهہ هو جيترو غلام محمد مهر جو هن ۾ هو. هو اٽڪل 4 مهينا ڊاڪٽر رب جو علاج ڪندو رهيو پر هن جو ٽيمپريچر (بخار) ساڍا نوانوي کان هيٺ نہ لٿو. جڏهن هو سکر موٽيو تہ چيائين "ٿورو ٽيمپريچر بيٺو آهي، پر ڊاڪٽر رب چيو آهي تہ اُهو ٻن چئين ڏينهن ۾ لهي ويندو. نوان ڪيس ڪٺڻ شروع ڪيا اٿم." مون هن کي صلاح ڏني تہ، "ڪجهہ ڏينهن ترس جيستائين ٽيمپريچر لهي وڃيئي." پر هن ڳالهہ ٻُڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. اُن رات هو گذاري ويو. ٻئي ڏينهن تي مان هن جي جنازي نماز تي ويس، تہ هن جا لفظ ڪنن ۾ گونجڻ لڳا ها "اوهان شاعر پنهنجو وقت ۽ پرايو پيسو ٽاڙيايو." هو ڪفن ۾ ويڙهيل هو؟ مون هن کان پڇڻ چاهيو تہ، "انور تو پنهنجو وقت ڇاجي لاءِ وڃايو؟ تو علاج تي پئسو ڇو وڃايو جي توکي مري وڃڻو هو؟" انور کان سواءِ وڏيڪ وڪيلن ۽ ڪورٽن جا تجربا پوءِ لکندس، هي ڳالهہ انب جي نالي تي ياد آئي.

تاجل بيوس مون سان گڏ منهنجو هڪ نهايت مختصر انتخاب "وڏا وڻ وڻڪار جا" ڇپائي رهيو آهي. هن وقت هن کي پورو احساس آهي تہ پٺاڻيءَ کان پوءِ منهنجي شاعري ڪيتري اهم آهي ۽ هُن ان تي ڪافي مضمون بہ لکيا آهن. هو پنهنجي ٿهيءَ ۾ بيت ۽ وائيءَ جو بين سيني کان چڱو شاعر آهي. باقي هن جي ڪليات ڇپجي رهي آهي. اها شايع ٿئي تہ وڌيڪ ڪجهہ چئي سگهجي!

هونءَ مان ڪيتري وقت کان شرنار تي رهيو آهيان. شڪارپور کان ڪراچي، ڪراچيءَ کان سکر، سکر کان حيدرآباد وري حيدرآباد کان سکر ۽ نيٺ سکر کان ڪراچي. ڪٿي بہ مون کي چين سان ٽِڪڻ نہ مليو آهي.

گانڌيءَ ڪراچي جا ست دورا ڪيا ها، پر تڏهن ڪراچي ننڍي هوندي هئي. هاڻي تہ ڪراچي موٽر ڪارن، بسن ۽ ٽرڪن جو سمنڊ آهي ۽ ڏونهين ۾ ساهہ منجهي رهيو آهي ۽ رستو پيدل پار ڪرڻ مشڪل آهي. مهانگائي ايتري وڌي وئي آهي، جو ساوا ڊگها مرچ اسي رُپئي ڪلو ٿا ملن.

دڪاندار رات جو نوٽن جون ٿهيون تجوڙيءَ ۾ لاڪ ڪن تا ۽ ڏينهن جو بئنڪ ۾ موڪلي ڇڏن ٿا. هتان جي پيٽي بورجوا طبقي جهڙو دنيا ۾ واهيات، ڪوتو ۽ ڪُويساهو طبقو ورلي ڪنهن مُلڪ ۾ آهي. الا جي هن ملڪ جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ غريب وچن وڏيڪ غريب ٿيندا ۽ امير وچن وڏيڪ امير ٿيندا. جڏهن مان سکر ۾ مارڪيٽ ۾ گوشت، سبزي ۽ ميوو وٺڻ ويندو هوس، تڏهن ٻن سون رپين ۾ هفتي جو سامان ملي ويندو هو. هاڻ تہ ٻن سون رپين ۾ ٻن ڏينهن جي سبزي مَس ٿي ملي.

وري قميص جي پٺيءَ کي ڇڪ آئي، غمِ دوران منهنجي توجهہ پاڻ ڏانهن ڪرائي رهيو آهي. مون ڪنڌ ورائي پٺ تي ڏٺو.

هندستان جا ڪيئي تاريخي واقعا ياد آيا. اُهي پورا ڪريان تہ پوءِ پنهنجي پاڪستان تي اچان.

نهرو سوشلزم ڏانهن مائل هو. 1938ع ۾ اسپين ۾ چونڊيل گورنمينٽ ۽ جنرل فرانڪو جي گورنميٽ ۾ جنگ هلي رهي هئي. مون گهڻو پوءِ برسات ۾ نو قسطيون "اسپين جي خانہ جنگي ۽ ادب" جي نالي سان شايع ڪرايون. انهيءَ دؤر ۾ اديبن ۽ شاعرن پنهنجي انٽرنيشنل برگيڊ ٺاهي هئي، جن ۾ هيمنگ وي، آندري مارلو جارج آرويل، روسي مفڪر ڪرسٽافر ۽ ڪاڊويل ۽ انگريز شاعر آڊن ۽ اسٽيفن اسپينڊر ۽ ناول نويس ڪرسٽافر اشروڊ ۽ ٻيا شامل هئا.

اُن وقت نازي درندا آسٽريا کي لتاڙي رهيا ها ۽ مغربي جمهوريتون اُنهن جي خلاف ٻڙڪ ٻاڦي نہ ٿي سگهيون. نهرو هندستان ۾ انهيءَ يقين سان موٽيو تہ اسان جي نجات فقط سوشلزم ۾ آهي. هن کي بنهہ خبر نہ هئي تہ يو. ايس. ايس. آر ۾ ڇا پيو وهي واپري، ڇو تہ اُن کي لوهائون ڪوٽ (Iron Curtain) ڏنل هو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ نهروءَ مارشل چانگ ڪائي شيڪ جي مهمان طور گذاريو. اُن وقت هن جي ذهن ۾ هڪ چيني هندي بلاڪ جو خيال اُڀري آيو. جو هن جي سياسي تصور سان وڏيڪ ٺهڪي ٿي آيو پر هر سوشلسٽ وانگر نهرو بہ خوابن جي دنيا جو رهواسي هيو جيتوڻيڪ هن کي پنهنجي ديس جا حالات پهرين دل تي هيا. اُن وقت هن کي ٻہ ماڻهو آڏو آيا، هڪ تہ ڪرتا ڌرتا عجيب مُهانڊي وارو ۽ شري پرپوپاد جهڙي گهاٽي سانوري ۽ ڇپي ڇهري وارو سردار پٽيل، جو ڪٽر گجراتي رجعت پرست هيو ۽

جنهن پنهنجي لاءِ فولادي آمر جو لقب حاصل ڪيو هو ۽ ٻيو بنگال جو مشهور ڪرانتي ڪار سباش چندر بوس. انهن ٻنهي مان بوس زبردست مقرر هو ۽ نهروءَ جي اقتدار جي وڏيڪ آڏو تي آيو. هو نهروءَ کان عمر ۾ ننڍو هو ۽ هو نهروءَ جيترو ئي تعليم يافتہ هو ۽ هن کي ديس جي سياسي مستقبل جو ايترو اونو هو. جيترو نهروءَ کي بہ نہ هو. بوس نہ رڳو وڏو سورمو هو ۽ جڏهن مُنهن کوليندو هو تہ تقرير سان من موهي ڇڏيندو هو. هن جي آواز ۾ جادوءَ جو اثر هو. هو هر ڳالهہ کي نربدا نديءَ جي پاڻيءَ جهڙو اڇو اجرو بڻائي ڇڏيندو هو. هن جي ديش ڀڳتي، نانا صاحب، جهانسيءَ جي راڻيءَ، تانتيا ٽوپي، ڀڳت سنگهہ ۽ چندر شيکر آزاد کان گهٽ نہ هئي. نهروءَ هن کي چترائيءَ سان ڏنو جڏهن 1938ع ۾ تر پوريءَ ۾ ڪانگريس جي سيشن ۾ بوس گانڌي وادين کي للڪاريو تڏهن بوس کي بگهڙ جي اوناڙ هئي. گانڌي فقط ٻڪري گڏ رکندو هو جنهن جو کير پيئندو هو. جيتوڻيڪ آزاديءَ جي باري ۾ نهروءَ جا خيال بہ بوس جهڙا ها، پر هن ڄاتو ٿي، تہ جيڪڏهن ڪوبہ گانڌيءَ کي آڏو ايندو تہ هن کي اُن جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي. لومڙ بگهڙ کان وڌيڪ حرفتي هو ۽ بگهڙ کان وڏي ويو. ٿوري وقت ۾ گانڌيءَ پنهنجا حمايتي ڪٺا ڪيا ۽ بوس کي ڪانگريس تان زوريءَ استعيفا ڏياري. بوس پنهنجي پارٽي فارورڊ بلاڪ ٺاهي، جنهن جو پرچو وديارٿي سنڌ ۾ سرگرم ڪارڪن هيو. بوس جي ڪانگريس تان استعيفا برصغير جو وڏو سانحو هو. مون کي تشدد ۽ فاشزم لاءِ نفرت آهي، پر جي بوس جپان سان معقول سمجهوتو ڪري سگهي ها تہ انڊين نئشنل آرمي اقتدار ۾ اچي ها ۽ هن ٻڪڙ ڏاٽي واري فضا ۽ مونجهاري مان جان ڇُٽي پئي ها. فاشزم هونءَ بہ اچي ها ۽ هيئن بہ آئي.

بين الاقوامي سوشلزم جي چڪر ۾ اچي، اسان ڪيڏيءَ نہ اوکائي ۽ اهنجائيءَ ۾ پنهنجو مٿو وجايو آهي ۽ ڪيترا نہ ٽيڙ ٽاٻا کائي، اونهيءَ کڏ ۾ ڪريا آهيون. نيٺ اُها بين الاقوامي سوشلزم کان بہ بُري ثابت ٿي. ان ۾ شڪ نہ آهي جپاني فاشزم بہ مڪاري ظلم ۽ ڪُوڙي پروپئگنڊا تي ٻڌل هئي، پر اسان اُن کان بہ وڌيڪ بُرائيءَ جو شڪار ٿيا آهيون. ڪيئن چئجي تہ بوس جي هوائي حادثي ۾ نہ ماريو وڃي ها، تہ برِصغير انڊين نيشنل آرمي جي هٿ ۾ اچي ها ۽ برِصغير جي تقدير ٻي هجي ها. آخر بوس پاڻ تہ

فاشسٽ نہ هو!

1939ع جي اونهاري ۾ هٽلر يورپ تي فوج ڪشي شروع ڪئي. ڪانگريس فاشزم لاءِ نفرت جو اظهار ڪيو ۽ انگريزن کي اطلاع ڏنو تہ عالمي جنگ ۾ هندستان سندن مدد ڪندو جيڪڏهن انگريز هندستان جي آزاديءَ جو اعلان ڪندا. وائسراءِ لارڊ لنٿگو ڪنهن بہ هندستاني اڳواڻ جي صلاح ڪان سواءِ پنهنجيءَ مدد جو اعلان ڪيو ڇو تہ هن کي معلوم هو تہ هند جون جنگجُو قومون، سک، پنجابي، مسلمان، راجپوت، گورکا، جاٽ ۽ رياستن جا حاڪم ڪانگريس سان سياسي ڏمچر ۾ شامل نہ هئا ۽ اُن جي واٽ کي ڪُواٽو سمجهندا هئا ۽ انگريزي راڄ خلاف هنن ڪُٽڪ ۽ ڪنجهڪار نہ هئي ۽ نہ ڪانگريس جي اجتماع ۾ شريڪ ٿيندا ها ۽ تقريرون ٻڌي ڪنڌ ڏوڻ ڪندا ها.

نهروءَ چاهيو تہ ڪانگريس فاشزم جي مزاحمت ڪري، ڇو تہ هو هڪ رومانوي سوشلسٽ هو ۽ ماسڪو هن لاءِ مترا ۽ ڪاشيءَ ڪاٖن وڌيڪ معنيٰ رکندي هئي. ڪانگريس جي اڪثريت چاهيو تہ جي انگريز هندستان جي آزاديءَ جو اعلان نہ ڪن، تہ هنن کي مدد ڪان بنهہ انڪار ڪيو وڃي. انگريز سرڪار هندستاني اڳواڻن سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي. جيئن ٺي فاشسٽ جنگ ۾ جيتي فتح ياب ٿيا، گانڌيءَ ”هندستان ڇڏي وڃو.“ (Quit India) جو نعرو ڏنو. ان ڪري سيني قوم پرست اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو. نهروءَ پنهنجو شاهڪار ”هندستان جي دريافت“ (Discovery of India) جيل ۾ ٽن سالن ۾ لکيو. دلير محب وطن بوس ڪلڪتي مان روپوش ٿي ويو. مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ غالباً اُن وقت نهرو احمد نگر جيل ۾ هو ۽ مولانا آزاد بہ هن سان پرواريءَ قيد ڪوٺڙيءَ ۾ هو. شايد اهو مولانا آزاد غبارِ خاطر ۾ لکيو آهي، تہ جنهن وقت علي الصبح جو هو تبت جي سبز چاءِ پيئندو هو ۽ پنهنجو ڪتاب لکندو هو تہ پر واريءَ ڪوٺڙيءَ ۾ نهرو ڪونگهرا هڻندو هو. نهروءَ تي لکيل ڪتاب ۾ ايم. اين. راءِ چيو آهي تہ يا هو ائڪٽر هو يا بازي گر (Actor or Acrobat) هو. الاجي منهنجي دل ۾ بار بار اها ڳالهہ ڇو ٿي اچي، تہ نهرو ساري المئي جو ذميدار هو. هن فاشزم سان همدردي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ماڻهن کي نعرو ڏنو ”دلي چلو“. جيل مان آزاديءَ ڪان پوءِ نهرو ٺي هندستان جو دورو ڪيو. ڪانگريس ۾ تقريرون ڪيون. الڪيشن

۾ ڪانگريس سارا هندو ووٽ کنيا. نهروءَ کي مسلمانن جي الڳ حڪومت جي ڳالهہ کان ڪريڍ ۽ بچان تي آئي ۽ ڪنهن وقت هُن کي چيتو تي لڳو. هندستان کي ان جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي.

گانڌيءَ جي مدد سان نهروءَ کي بيهر انڊين نئشنل ڪانگريس جو صدر چونڊيو ويو ۽ وائسراءِ هن کي دعوت ڏني تہ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ٻهريون پريزيڊنٽ ٿي. ڏيڍ سال هو عبوري حڪومت جو سربراهہ رهيو جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان هڪ ٻئي کان اڳ کان وڌيڪ جدا ٿي ويا. مسلم ليگ.........

مان جملو اڌ ۾ ڇڏي ٿو ڏيان. در جي گهنٽي وڳي آهي در ڪوليم تہ سنڌ جو عظيم محب وطن سوڀو گيانچنداڻي بيٺو هو. مون هن کي ڊرائنگ هال ۾ ويهاريو تہ هن مون کي پنهنجا بہ ڪتاب 'ڪڏهن بهار ايندو' ۽ 'تاريخ ڳالهائي ٿي' ڏنا ۽ چيائين تہ تيون ڪتاب 'وڏي وٽ هٿار' ستار پيرزادي کي ڏنو اٿم. اُن تي مهاڳ تون لکجانءِ! اڳئين ڀيري جڏهن هو آيو تڏهن مون هن کي موڪلائڻ وقت چيو هو تہ "سوڀا! تنهنجي منهنجي دوستي نظرياتي نہ آهي، ذاتي آهي." هن کي اهي بہ ڪتاب مون کي اڳ ڏيڍ گهربا ها، پر شايد نظرياتي اختلاف جي ڪري نہ ڏنا هئائين. مان عيني گواهہ آهيان تہ هندستان جو موجوده پرائيم منسٽر اندر ڪُمار گجرال سوڀي جو ذاتي دوست هو ۽ سوڀو مون کي هن جي گهر بہ وٺي هليو هو جنهن ڳالهہ جو ذڪر مان ٻئي ڀاڱي ۾ ڪري آيو آهيان. جي سوڀو هندستان ۾ هجي ها تہ ممڪن آهي تہ هو پارٽ جو فارين منسٽر هجي ها. پر هن کي بين الاقوامي نڪتہ نگاهہ جي باوجود، پنهنجي ڌرتيءَ سان ايترو ئي پيار آهي، جيترو سائين جي.ايم. سيد کي هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جي. ايم. سيد هڪ وڏو قوم پرست هو پر ساري دنيا جي سوداءَ ۾ گرفتار نہ هو ۽ چڱو جو نہ هو.

سوڀي گيانچنداڻي جي ڪتاب جي مهاڳ ۾ سوڀي لاءِ لکيو ويو آهي "هماليہ کان اوچو انسان" مون وٽ فٽ ڪٽي يا گزي تہ ڪانہ آهي، جو مان ماپ ڪري سگهان، پر مان ايترو ضرور چوندس تہ لاهور فورٽ ۾ رهي رهي، سي. آءِ. ڊي جي اذيت ۽ قيد سهي سهي پاڪستان مان هيو ڪوبہ هندو پهچي ويچي ها، پر سر زمين سان محبت سوڀي کي هتي رهايو. اها وابستگي ڪميونسٽ نظرئي جو حصو هئي، جو هاڻي مدي خارج ٿي چڪو آهي.

۽ تي ڏينهن اڳ هو مون وٽ آيو هو. هن جي چپن تي فالج جي خفيف لرزش هئي ۽ هو ڏاڍو نبل تي ويو هو. هن چيو ته، ”مون چاهيو ٿي ته دوستن سان ملي اچان، شايد هيءَ اسان جي آخري ملاقات هجي.“ اهو جملو مون کي ائين چڀيو جيئن مڇيءَ کي نڙيءَ ۾ ڪُنڊي چڀندي آهي. هن ساري عمر سڻو پر پنهجي ضمير جي اطمينان لاءِ. سوڀي جو وجودئي جدلياتي ماديت جي ترديد آهي. هن کي پهرين مون چيو ”سوڀا! تون ڪميونسٽن جو همسفر هئين.“ هن چيو ”هائو تون مون کي همسفر چئي ٿو سگهين.“ پوءِ گهران فون تي چيائين ته ”اياز! تون مون کي همسفر نہ لکجانءِ، سوشل ڊيموڪريٽ لکجانءِ.“ اهو ته وڌيڪ بهتر آهي، ڇو ته اهو سياسي نظريو ته ساري عمر منهنجو نظريو رهيو آهي. منهنجي پنجابي ٽُنهن جو مامو ناروي ۾ رهندو آهي ۽ هن جڏهن اُتان جي فلاحي مملڪت جي باري ۾ مون کي ٻڌايو ته مان حيران ٿي ويس ۽ چاهيان ٿو ته اُهي نوٽ آتمر ڪهاڻيءَ جي چوٿين جلد ۾ ڏيان. فلاحي مملڪت جو نظريو سوشل ڊيموڪريسيءَ جي ويجهو آهي. جنهن ۾ پرنس ڪرو پوٽڪن ۽ اليگزينڊر هرزن جهڙا روسي مفڪر اعتبار ڪندا ها ۽ هنن مينشيوڪن ۽ باليشيوڪن سان اختلاف ڪيا ها. مون اٽليءَ جي سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيءَ جي مئني فيسٽو ۾ پهرين صفحي تي مٿان مٿان پڙهيو (Man is born in the image of divine) (انسان پرتو الاهي آهي.)

اهو تصوف جو بنياد آهي، جيئن اڳتي هلي مان لکندس ۽ ماديت جي فلسفي جي منافي آهي. انهيءَ ۾ سائين جي. ايم. سيد جو ڪُلي اعتبار هو. جي انسان پرتوِ الاهي آهي ته هڪ پرتو الاهي ٻئي کان وڌو نہ آهي. هر قسم جي برابري هن جو پيدائشي حق آهي. ضياءُ الحق سان هن جي دوستي منهنجي سمجهہ ۾ نہ آئي.* هاڻي مان اُتان ٿو شروع ڪريان جتي سوڀي جي اچڻ وقت مون جملو اڌ ۾ ڇڏيو هو...

مسلم ليگ ڪانگريس جي حڪومت کي پنهنجي طاقت ڏيکارڻ چاهي ٿي ۽ 16 آگسٽ 1946ع تي ڊائريڪٽ ائڪشن (Direct Action) جو

---

* سيد جي ضياءُ الحق سان دوستي نہ هئي، هو سيد سان ديوان مشتاق حيدرآباد ۾ عيادت لاءِ آيو هو جڏهن اتي دل جي تڪليف سبب داخل هو سيد جي ٻانهن تي ڪاري پٽي ٻڌل هئي، توڙي ڊاڪ سانحي جي احتجاج طور، ان وقت ضياءُ سان گڏ مير علي احمد ٽالپر بہ گڏ هو جو ڊفينس منسٽر هو. (ت.ج)

ڏينهن ملهايو. بنگال ۾ گورنمينٽ مسلم ليگ جي هئي. اُتي زبردست فساد ٿيا, خاص ڪري نواکليءَ جي صوبي ۾. بهار ۾ هندو اڪثريت ۾ هئا. هنن مسلمانن کان زبردست بدلو ورتو.

انهن ڏينهن ۾ مان, رام جيٺملاڻي, ڀڳوان ۽ هڪ ٻيو دوست ڪراچيءَ کان سکر ويندڙ ريل گاڏيءَ جي سيڪنڊ ڪلاس ۾ اچي رهيا هئاسين. گاڏيءَ ۾ ڏاڍي پيهہ هئي. هڪ شخص پوري سيٽ تي ستو پيو هو. پڇا تي ٻڌايائين تہ هو پنجاب جي صوبائي اسيمبلي جو هندو ايم پي اي هو. ان تي رام ڀڳوان کي انگريزيءَ ۾ چيو تہ ”هن کي ٻڌاءِ تہ جي هو شرافت سان نہ اٿندو تہ کيس گاڏيءَ مان ڪٽي هيٺ اُڇلائينداسين. هيءَ سنڌ آهي, پنجاب نہ آهي.“ هو منهن ٻيڙو ڪري اُتي ويهي رهيو. ٻئي ڏينهن تي هو مون کي شڪارپور ۾ پنجابي هوميوپئٿ جي دڪان تي مليو هوميوپئٿ (نالو وسري ٿو وڃي) پنجابي هو ۽ مون کي پتنجليءَ جا يوگ آسڻ سيکاريندو هو ۽ انهن تي پاسڻ بہ ڏيندو هو. شيش آسڻ ۾ مٿي تي بيهڻو پوندو هو. ڪڏهن جدا جدا آسڻن ۾ لڪڻ وانگر پاڻ کي آهستي آهستي موڙڻو پوندو هو. مان شڪارپور ۾ هوس تہ هندستان ۾ هندن مسلمانن کان زبردست بدلو ورتو. ان هوميوپئٿ جي دڪان تي جڏهن مان ويس, تہ هو اُهي خبرون پڙهي رهيو هو ۽ هن جي منهن تي مُرڪ هئي. هو اُنهيءَ پنجابي ايم. پي. اي جو ڀاءُ هيو جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي. فقط مهاتما گانڌيءَ نفرت جي آگ اُجهائڻ ٿي چاهي. پر هو بہ خانہ جنگيءَ کي روڪي نہ سگهيو ۽ لُٽيل قريل قافلا هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي ويا, عصمت دريون ڪيون ويون, نياڻيون بہ نہ بخشيون ويون, گهر مسمار ڪيا ويا, دوست دوست جو نہ هو پاڙيسري پاڙيسريءَ جو نہ هو هندن ڀڳوان کي سَرَن درياهہ ڪيو هو سکن گرنٿ ويڙهي رکيا ها ۽ مسلمانن صلح ڪُل جي تعليم کي پٺي ڏني هئي. گاڌسي گانڌيءَ کي گولي هنئي تہ هو ”هاءِ رام“ ڪري مري ويو. ”اڌ رات جو آزادي“ (Freedom at midnight) ۾ لکيل آهي تہ گاڌسي جي رک ڪنهن مرتبان ۾ رکيل آهي ۽ هن جي وصيت آهي, تہ اُن کي سنڌوءَ ۾ ڪنهن وقت پرواهہ ڪيو وڃي.

*تفو بر تو اے چرخِ گردان تفو!*

مرحوم جي. ايم. سيد مون کي ٻڌايو هو تہ ورهاڱي کان پوءِ هو هندستان ويو هو ۽ سردار پٽيل سان ملاقات ڪئي هئائين. پر هن کيس ڏيان

سان نہ ہڏو ہو. سردار پٽيل قومي فساد جي جڙ هيو. مون ان موضوع تي ڪيترا ڪتاب پڙهيا آهن، پر ڪنهن جي تجزئي سان مطمئن نہ آهيان تہ هن قيامت صغريٰ (Holocast) جو ڪارڻ ڪهڙو هو ۽ ماڻهو پٿر جي دؤر ۾ ڇو پهچي ويا ها؟ ڪهل، ڳروڻا ۽ ديا هنن ۾ ہڏ ۽ مها وير جي اهنسا ۽ محمد عربي صلي الله عليہ وسلم جا مهر، شفقت، ڪرم عفو ۽ درگذر جا جذبا انسان ۾ ناپيد ٿي ويا ها.

ٻُڍا، جُهور پوڙها، لڱا، اَڱها، ڳيرو ٻار، ناريون، عورتون، مرد ڪنهن کي بہ نہ بخشيو ويو. هر ڪنهن جي اکين تي انڌ جا ڪوپا چڙهي ويا هئا. هر ڪنهن جي تن ۾ تنور ٻري رهيو هو. بهر صورت سنڌ، بلوچستان ۽ فرنٽيئر ۾ تمام ٿورا واقعا ٿيا. گهڻو بنگال ۽ پنجاب سنو.

هي ڪوئي تاريخ جو ڪتاب نہ آهي. منهنجي مطالعي ۽ مشاهدي ۾ جيڪي واقعا ياد آيا آهن، هي انهن جو نچوڙ آهي. آخر مان بہ تہ برِصغير جي مٽيءَ مان ٺهيو آهيان ۽ اُن ۾ موٽڻو آهيان، اُن جي تاريخ ۽ تهذيب منهنجي روح جو حصو آهي. مون لاءِ نہ ہڏ ۽ مهاوير اجنبي آهن، نہ سنڌي هندو. مون لاءِ بلهي شاهہ، سلطان باهو ڀٽائي ۽ ڪبير جي پيغام ۾ ڪوئي فرق نہ آهي.

تقسيم کان پوءِ سک، هندو مسلمان سڀ انڌا ٿي پيا. اُنهن کي نہ پاڙو نظر آيو نہ ياري دوستي ياد رهي. هو بگهڙ، چيتا ۽ واگهہ هيا، جيڪا انسان جي اصليت آهي. مون کان هڪ بہ واقعا ڪراچيءَ ۾ فسادن وقت نہ ٿا وسرن، مان تڏهن سنڌ مسلم هاسٽل ۾ رهندو هوس. مان ترڪي ٽوپي پائي فسادي علائقي ۾ ويس. مينارام هاسٽل پٺيان، گاڏي کاتي ۾ بوهري عورتون هندو عورتن کي اجهو ڏئي رهيون هيون. مٿان بالڪينن مان عورتون ۽ ٻار هيٺ ڏسي رهيا ها. اوچتو ڪنهن هندوءَ جي ڪار هڪ ماڙي جي هيٺان اچي بيٺي ۽ اجا هو نڪتو مس تہ فسادي هُن کي ڏنڀن سان ڪُٽڻ لڳا. هو ڪري پيو تہ هنن ڪار کي باهہ ڏئي ڇڏي. مٿان بالڪنيءَ مان هن جي گهر جون زالون ۽ ٻار رڙيون ڪري رهيا ها ۽ اهو دردناڪ منظر ڏسي رهيا ها.

مان موٽي حشوءَ جي فليٽ وٽ پهتس تہ هيٺ هڪ رتورت شخص زخمي حالت ۾ تڙڦي رهيو هو. مون جهُڪي هن کي ڏٺو تہ هو چئي رهيو هو "پاڻي، پاڻي" ايتري ۾ بندوق جو هوائي فائر ٿيو ۽ ڪنهن چيو تہ "هٽي وڃ نہ

تہ توکي بہ اُڏائي ڇڏيندا سين." ان کان وڌيڪ بربريت جا واقعا مسلمانن کي بہ هندستان ۾ درپيش آيا ها. اڌ رات جو آزادي، اُنهن سان پيري پئي آهي. ڪنهن سک اسٽيٽ ۾ مسلمان عورتن جا ٽڙ ڪيپي، اُنهن کي بازارين ۾ ننگو گھمايو ويو هو ڪاليءَ کي ڪنهن وقت مکو لڳندو آهي ۽ هوءَ موت جو ناچ ڪري ڏيکاريندي آهي. ساحر لڌيانويءَ کان فيض احمد فيض تائين هر شاعر رتو ڇاڻ جي خلاف تلخ گيت لکيا. اهو دؤر هو جڏهن اردوءَ جي ترقي پسند شاعريءَ کي تحسين جي نگاهہ سان ڏسي سگهجي ٿو ۽ ڏنو بہ ويندو هو. ن. م. راشد، جنهن لنڊن ۾ وصيت ڪئي هئي تہ، "منهنجي لاش کي جلايو وڃي." انهي دؤر تي نفرت سان منهن ڦيرائي شاعريءَ ۾ عشق ومحبت ۾ فرار ڳوليو. مون هن جا ڪتاب "ماورا"، "ايران ۾ اجنبي" ۽ "الانسان" پڙهيا آهن ۽ منهنجو خيال آهي، تہ اردوءَ ۾ هو فيض کان بہ وڏو شاعر هو. هو منهنجو واقف نہ هو ۽ دوستي منهنجي فيض سان هئي. ہنهي جي شاعريءَ کي فارسيءَ جي ڪثير استعمال غنائيت بخشي هئي ۽ هن جي شاعريءَ ۾ڪائي ڌرتيءَ جي مهڪ ڪانہ هئي، جا هر عظيم شاعر جي شاعريءَ ۾ هوندي آهي. مون کي بہ انسان جي رت ڀياڪ فطرت کان نفرت آهي. انسان جي هر رت ڦڙي ايتري مقدس آهي، جو منهنجي ساري شاعري ان جي بچاءَ ۾ لکي وئي آهي، سوا پوئين شاعريءَ جي، جنهن ۾ عمر خيام جي رباعيءَ جي پوئين سٽ واري ڪيفيت آهي.

*چون پردہ بر اُفتد نہ تو مانی و نہ من*

(جڏهن پردو ڪنيو ويجي ٿو تہ نہ تون ٿو رهين ۽ نہ مان)

هوڻ بہ مون کي هي سنسار مايا وانگر لڳندو آهي. مارڻ وارا ۽ مُئل بڻي تاريخ جو خواب پريشان آهن. وقت جنهن جي حقيقت تي علامہ اقبال ايترو زور ڏنو آهي، جڏهن گذري وڃي ٿو، تڏهن ماضي جو هر واقعو بي معنيٰ ۽ خواب پريشان کان وڌيڪ حقيقت نہ ٿو رکي. پر ظلم و ستم جيستائين ٿئي ٿو اُهو حقيقت آهي، جيستائين سرمد ۽ منصور جي درجي جا مجذوب ماڻهو نہ هجن، تيستائين اها اذيت برداشت نہ ڪري سگهن ها، جا هنن کي ڏني وئي هئي. منهنجي گهر جي چوڌاري بريليءَ جا ڪونجڙا رهندا ها، هو اها نفرت واري ذهنيت هندستان مان کڻي آيا ها. جيستائين هنن سياسي طور زور نہ ورتو هئو تيستائين، "جي جناب" "جي جناب" ڪندا ها، پر پوءِ

مان تہ ڪراچيءَ ۾ هوس، جڏهن هو منهنجي زال جي پنجٽيهن سالن جي ميڙي چونڊي لُٽي ويا ۽ منهنجي اڌ لائبريريءَ، رڪارڊ، رسالن اخبارن مان تراشن کي باهہ ڏنائون. اُن باهہ جي روشنيءَ ۾ هو گهر جو سارو سرو سامان چوري ڪري ويا. هن ڪتاب ۾ شامل منهنجي ڊائريءَ جي نوٽ ۾ درج آهي.

وقت گذرڻ سان ڦٽ ڇُٽي ويا آهن، کرنڊ لهي ويا آهن، پر ڦٽن جا نشان اجا آهن، جي مٽجي نہ ٿا مٽجن.

اسٽالن جي موت کان پوءِ، هن جي جاءِ نشين ڪروسچوف ۽ اسٽالن جي ڌيءَ سيوتلينا جيڪي انڪشاف ڪيا آهن ۽ جيئن هن اديبن، آرٽسن ۽ سياسي مخالفن کي تهس نهس ڪيو اُن منهنجو انسان ذات مان ئي اعتبار ڪيڏي ڇڏيو آهي. ڪنهن جاتو ٿي تہ موچيءَ جو پُٽ مخالفن جي ڪنڌ ۾ ڪوڪا ۽ نرڙ ۾ نعل هڻندو!

مان 55 سال ڪيمونزم جو همسفر رهيو هوس. مون کي اها خبر نہ هئي تہ تاريخ منهنجيءَ شاعريءَ کي ائين ننگي ويندي! ڪنهن ڪنهن وقت مون کي ائنا اخمتوفا، شاعر ميڊ السٽام ۽ پاسترناڪ نظر ايندا آهن ۽ چوندا آهن تہ سياست ڪوڙهہ اٿي، اُن کان پري رهہ! تنهنجي دنيا آرٽ جي تخليق آهي. پاڻ کي اُن تائين محدود رک! جيئن جادوگر ماڻهوءَ جي چوڌاري دائرو ناهيندا آهن تہ ماڻهو پنهنجي ڪوشش جي باوجود، دائري کان ٻاهر پير ڪڍي نہ سگهندو آهي. ائين پاڻ کي آرٽ جو دائرو ڏئي ڇڏ! سياست لاف لباڙ آهي، ڪوڙ بدوڙ آهي، ڏوڙ ڇائي آهي. دور رهہ اُنهيءَ کان جو دوربين مان خواب ڏيکاري، جيڪو توکي چنڊ جي ڄار ۾ ڦاسائي!

1968ع ۾ جڏهن مون کي ساهيوال جيل مان ۽ مير رسول بخش کي گجرات جيل مان، ڪراچيءَ جيل ۾ ٽرانسفر ڪيو ويو ڇو تہ اسان جي رٽ پٽيشن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ هلڻ واري هئي. تڏهن چين نواز ڪميونسٽ ٽولي جو ليڊر رشيد حسن خان ۽ روس نواز ٽولي جو ليڊر امير حيدر ڪاظمي (جو پوءِ بينظير جي گورنمينٽ ۾ هيلٿ منسٽر ٿيو) ۽ مائوسٽ ليڊر رسول بخش پليجي ۾ رات جو بحث مباحثو ٿيو. ڇڙ ڏاڪولن جي راند هلي. ”ڪامريڊ، مائو هيئن بہ چيو آهي، نا!“ پليجي چيو. رشيد حسن خان جواب ڏنو، ”ڪامريڊ، مائو هيئن بہ چيو آهي، نا!“ پوءِ تہ ڪامريڊ مائوءَ جي قولن تي نا نا نا ٿي وئي. ٻنهي جي نظر ۾ بہ مائو هئا، جي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي رهيا

ها، جيئن مست سانَ هڪ ٻئي کي ٽڪر هڻندا آهن. اهو مائوزي ٽُنگ موت کان پوءِ خوار خراب ٿيو ۽ اُن جا راڪاس جيڏا بُت رُڪ جون رسيون وجهي ڊرتيءَ تي ليٽايا ويا. هاڻي سنڌ ۾ ڪنهن بہ ماڻهوءَ مائوءَ تي ڪوئي نئون ڪتاب نہ لکيو آهي. انگريزيءَ ۾ بہ مان مائوءَ جي بدران تائوءَ جي باري ۾ پڙهيو آهي.

جڏهن مان ڪراچيءَ جيل ۾ هوس تہ مون رشيد حسن خان کان بنگال جي نڪسل باڙي تحريڪ جو نعرو ٻڌو هو "همرو باڙي، تمرو باڙي، نڪسل باڙي (اسان جي واڙي، اوهان جي واڙي، نڪسل واڙي) جيل کان ٻاهر اچي، مون نڪسلائيٽ دهشتگرد تحريڪ جو غور سان مطالعو ڪيو هو. پهرين تہ نڪسلائيٽ ٻين دهشتگردن کان ڪجهہ مختلف هيا، ڇو تہ هو فقط مراعات يافتہ طبقي جا مخالف ها ۽ عوام دشمن عنصر جي خلاف ها. اها تحريڪ 1967ع ۾ نڪسل باڙي ڳوٺ ۾ شروع ٿي. ان جو بنياد هڪ معمولي واقعو هو، جنهن ۾ ڪجهہ ڪسانن فصل لٽيو هو. اُنهيءَ چڻنگ نڪسلائيٽزم جي باهہ پڙڪائي. اُن واقعي کان پوءِ ڪيئي پُرتشدد ٽڪراءَ ٿيا. مارچ ۽ مئي 1967ع ۾ 167 ماڻهو ماريا ويا. 24 مئي تي پوليس فائرنگ ڪئي ۽ ڏهہ ماڻهو ماريا ويا. ان تي ڪاوڙ ڪائي شدت پسندن زميندارن ۽ پوليس جي خلاف ڪيترائي هٿيار کنيا، ڪيئي خون ڪيا، ڌاڙا هنيا، هٿيار ۽ اسلحو چورايو. هڪ واقعي ۾ هنن جوتي دار (زميندار) ناگن راءِ کي اغوا ڪري قتل ڪري ڇڏيو.

5 جولاءِ 1967ع تي صوبائي حڪومت ست سئو ماڻهو گرفتار ڪيا ۽ نڪسل باڙيءَ ۾ اها تحريڪ وس ۾ آندي، پر پوءِ اُها هندستان ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي پکڙجي وئي. 1971ع ۾ اُها پهريون پيرو چوٽ تي پهتي. اُن جا نشانا زميندار، پوليس جا خابرو ۽ پوليس آفيسر هيا. هٿيارن طور نڪسلائيٽ وارن پراڻي زماني وارا هٿيار استعمال ڪيا، جن ۾ ڪات، نيزا، ٻرڇيون، ڏاٽا ۽ ديسي بندوقون هيون. سال ايڪهتر تائين هند جي جدا جدا حصن مان چار هزار واقعا رپورٽ ٿيا ۽ پنج سئو سٺ خون ٿيا.

نڪسلائيٽ تحريڪ ۾ مائوءَ جي اُنهيءَ فلسفي جا پيروڪار هئا، جي چوندا ها تہ "انقلاب جي ڪاميابي هٿيارن جي چڱائيءَ ۽ گهٽائي تي مدار نہ ٿي رکي، پر اُها ماڻهن تي مدار رکي ٿي، جيڪي اُهي هٿيار استعمال ڪن ٿا." اُنهن کي خبر هئي تہ اُنهن کي ماڻهن جي تنظيم ڪرڻي آهي ۽ ان لاءِ

هنن کي گوريلا جنگ لاءِ اڏا ناهڻا آهن. جتان هنن کي سيئي طبقاتي دشمن نيست نابود ڪرڻا آهن. نڪسل واڙي تحريڪ آنڌرا پرديش ۾ بہ ڦهلجي وئي. اُتي اها صلح سانت سان شروع ڪئي وئي، پر پوءِ انتظامي ۽ سياسي مانڊاڻ کي ڊانواڊول ڪيو ويو. فعال گوريلن جا ڏهہ حصا هيا. ڊسمبر 1968ع کان وٺي 30 جنوري 1969ع تائين اُنهن ڪيئي پوليس وارا ۽ هڪ پوليس آفيسر ماري ڇڏيو. 1969ع ۾ نڪسلائيٽ وارن ٽيهہ خون ڪيا ۽ چاليهہ ڏاڙا هنيا. فقط سريڪا ڪولم ضلعي ۾ بہ ليڊر ماريا ويا. ناگي ۽ هڪ ٻيو ليڊر جنهن تحريڪ جي رهبري تي ڪئي، 10 جولاءِ 1970ع تي انهن سان گڏ تيلي گانا ۾ ڪئي ماڻهو ماريا ويا.

مان هندستان مان نڪرندڙ هفتي وار ”سنڌو ڌارا“ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ هڪ نظم. ”هاءِ حياتي هي ٿوهر جو وڻ“ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي موڪليو هو پر هن اُهو نہ ڇپيو هو. 1963ع ۾ مون جڏهن هن کي ان تي ميار ڏني، تہ هن جواب ڏنو تہ ”اسان تيلي گانا ۾ انقلاب تي آندو ۽ تو حياتيءَ کي ٿوهر جو وڻ تي ڪونيو.“ مون هن کي جواب ڏنو تہ، ”تيلي گانا سنڌ ۾ تہ نہ هئي، اسان جي سنڌ تي تيليءَ جي گهاٽي ۾ پيڙهجي رهي هئي؟ مون کي اوهان جي جمهوريت دشمن، نڪسلائيٽ تحريڪ مان اُتساهہ وٺڻ جو ڪهڙو سبب هو؟“ 1967ع ۾ نڪسلائيٽ تحريڪ وري بنگال ۾ اُڀري 1970ع ۾ سي پي آءِ (مارڪسسٽ) ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا) سڏ ڏنو تہ سري ڪاڪولم جي شهيدن جو بدلو ورتو وڃي. چارو مجمدار (جنهن تي مون پٽڻ تو پور ڪري ۾ نظم لکيو هو.) تنهن لهرين وانگر جدوجهد ڦهلائڻ جو سڏ ڏنو نڪسلائيٽ تحريڪ پوءِ بيرم پور ضلعي ۾ ڦهلي، جتي هٿيارن جي ڦر جا گهڻا واقعا ٿيا، اولهہ بنگال ۾ چوويهہ صوبا ٻيا بہ متحرڪ ٿيا ۽ ڪلڪتو تہ تحريڪ جو ڳڙهہ تي پيو. بهار ۾ تحريڪ ضلعي مظفر ڳڙهہ ۾ ڦهلجي وئي. اُتان پوءِ اُتر بهار ۾ پهتي. جمشيد پور هڪ ننڍو ڪلڪتو تي وئي.

اُتر پرديش ۾ لکمي پور ۾ تحريڪ شروع ٿي ۽ ڪانپور ۽ ٻين اٺن ضلعن ۾ ڦهلجي وئي. اُنهن ۾ بريلي، مراد آباد ۽ واراڻسي ۽ بہ ٻيا ضلعا هيا. ان کان پوءِ اوڙيسا، مڌيہ پرديش ۽ اوير پنجاب ۾ بہ اها تحريڪ ڦهلجي وئي. جتي ڪٿي نڪسلائيٽن چونڊي چونڊي پوليس وارا ماريا، خاص ڪري ڪلڪتي ۽ بنگال جي ٻين حصن ۾ اُنهن مان 39 کان 44 تائين سي. پي. آءِ

مارڪسسٽ جا ميمبر ماريا ويا. 1971ع ۾ سي پي آءِ مارڪسسٽ لبريشن آرمي ٺاهي وئي ۽ سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ ان جي ايجنڊا تي رهيو. هارين جي جدوجهد ان حد تائين پهتي، جو 1 جولاءِ کان 15 آگسٽ 1947ع تائين فوج ۽ پوليس ڪئين ڪاروايون ڪري، اولهہ بنگال، بهار ۽ بهار – اوڙيسا ۽ اوڀر پنجاب ۾ دهشتگردن جي صفائي ڪري ڇڏي. اُن کان پوءِ هو آنڌرا پرديش ۾ هڪ وڏي جنگي گروهہ جي حيثيت ۾ اُڀري آيا.

نڪسلائيٽ ليڊر چارو مجمدار جي موت کان پوءِ ڪجهہ ڪامريڊن مرڪزي تنظيمي ڪاميٽي ٺاهي، تہ تشدد جي ذريعي عوامي بيداريءَ تي توجهہ ڏني وڃي ۽ هنن کي ڦرلٽ جي اجازت بہ ڏني وڃي جيئن پارٽيءَ لاءِ فنڊ ڪٺا ڪري سگهجن. اهڙيءَ طرح نڪسلائيٽ ڏاڍا خون خرابيون ڪندا رهيا، جن جي تفصيل ۾ وڃڻ هتي ضروري نہ آهي. مان فقط اهو ڏيکارڻ چاهيان ٿو تہ ڪيئن عوام جي ڏُک ۽ بدحاليءَ مهاتما گانڌيءَ جو اهنسا جو خواب پاره پاره ڪري ڇڏيو. خواب جيڪو دنيا جي ڪنهن بہ سياستدان گانڌيءَ وانگر اڳ نہ لڌو هيو ۽ نہ پوءِ لڌو آهي. افسوس جو اهو خواب تاريخ جي سُنہن هيٺان چيٿاڙجي ويو. يسوع، ڪرو پوٽڪن، ٽالسٽاءِ ۽ ٿارو بہ ساڳيو خواب لڌو هو پر سياست ۾ عملي طور آڻي نہ سگهيا ها ۽ اُن کي جنتا ۾ اُپديش تائين محدود رکيو هئائون. اهو خواب هڪ چٽيءَ وانگر هيو جا جڻ آسمان ڌَرتيءَ تي جهلي بيٺو هو.

هن وقت نڪسل باڙي تحريڪ چاليهہ ڏڙن ۾ ورهائجي چڪي آهي، پر اُها بهار ۽ آنڌرا پرديش ۾ فعال آهي ۽ ڪجهہ گهٽ تحريڪ ۾ مڌيا پرديش، اوڙيسا، مهاراشٽرا ۽ اترپرديش ۾ موجود آهي. جيستائين تين دنيا ۾ استحصال، جبر ۽ استبداد آهي، اهڙيون تحريڪون بار بار اُڀرنديون رهنديون. جيستائين انسان جي ڳچيءَ جا ڳٽ نہ ڳرندا ۽ هن جي پيٽ تي لت ايندي رهندي، تيستائين ماٺهو هٿيار کڻي اُڀرندا رهندا. مانيءَ گرهہ هر اصول کان اوچو آهي. اُهي زمانا گذري ويا، جڏهن انسان پيٽ سان پٿيون ٻڌي ياد الاهي ۾ گذاريندو ها ۽ رابعا بصريءَ وانگر اوباريل بصر سان ماني کائي عبادت ۾ محو ٿي ويندا ها. بهرصورت اُهي بہ پنهنجي ئي تن کي ٿَسا ڏيندا ها، ٻئي جي تن کي نہ ڏيندا ها. رابعا بصريءَ کي ڪوئي رات جي وقت ويهہ نان ڏئي ويو، تہ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪنهن فقير اچي هن جي در تي سئن

هنئي. هُن اُهي ويھہ ٿي نان فقير کي ڏنا ۽ پاڻ پاڻيءَ جو وٽو پي رات گذاريائين. اج ڪلهہ اُهو دؤر نہ آهي. مون کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ”مسافر مڪرانيءَ“ مان هن جو ڳاتل گيت ياد اچي رهيو آهي:

ڇُرو وڏو ابا جو ٺُرو وڏو ابا جو
پيٽ وڏو سيٺ جو پيٽ وڏو سيٺ جو.

نڪسلائيٽ تحريڪ جي ڳالهہ وري اُتان ٿي شروع ڪجي، جتي ڇڏي هئي. 1963ع ۾ هنن متحده عوامي مزاحمتي فورم (A.T.P.R.F) ٺاهيو ۽ 1964ع ۾ ڪلڪتي جي شهيد مينار پرسان وڏو جلوس ڪڍيو جيتوڻيڪ اُن وقت تحريڪ کي ٻاهرين امداد ڪانہ هئي.

نڪسلائيٽ استحصالي نظام کي ڊاهڻ چاهن پيا. هو ملڪ کان علحدگي نہ پيا چاهن، پر جي تحريڪ وڌي تہ ڀارت ۾ جمهوريت لاءِ خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو. اُتر هندستان ۾ ميزو رام تحريڪ جو پاڪستاني اخبارن ۾ ڪيئي ڀيرا ذڪر آيو آهي. ڀارت جو اُتر اوڀر هڪ ڪرو خطو نہ آهي ۽ نہ اُن جا سماجي مسئلا ساڳيا آهن. جاگرافيائي طور ان خطي کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو ٻهاڙيون، مٿاهون پٽُ ۽ هيٺاهون پٽ. سڄي خطي جي آدمشماري 26 ملين آهي ۽ اُتان جا رهاڪو الڳ الڳ قوميت، ثقافت، زبان ۽ مذهب وارا آهن. ان ۾ 116 ڪُل نالي خاندان رهن ٿا، جن ۾ 13 ناگا ڪُل ۽ 36 ڪُوڪي ڪُل وارا آهن. اهي ٽئي حصا گهٽ ۾ گهٽ پنجن قوميتن ۾ ورهايل آهن. اُنهن جي مسئلي کان سوا آسام ۽ ترپپوره جي آدم شماريءَ جو مسئلو آهي. خطي ۾ ٻوليون ۽ ديسي ڀاشائون 1652 آهن. ڪيئي قومي گروهہ مُلڪ جي پرانهن علائقن ۾ رهن ٿا ۽ پاڻ کي الڳ قوم سمجهن ٿا، جنهن جو ساري مُلڪ سان ڪوئي واسطو نہ آهي. طبعي، ثقافتي ۽ جذباتي ناتي جي باوجود هنن ۾ علحدگيءَ جو جذبو پيدا ٿيو آهي. آسام ۽ تري پوره جي ڪجهہ حصي کان سواءِ هنن جو مُلڪ جي باقي حصي سان ڪوئي رشتو نہ آهي. انگريزن کي ان ڳالهہ جي خبر هئي، پر هنن ڪائي تسلي بخش تنظيم نہ ڪئي ۽ انهن کي ڇڏي ڏنو تہ ڀل هو پنهنجا مسئلا پنهنجي قومي سطح تي حل ڪن. اُنهن ايراضين تي انگريزن جي حڪومت گهٽ ۾ گهٽ هئي. اهي ايراضيون ناگا، نيفا ۽ لُشائي (North East Frontier Provice) ٻهاڙيون آهن. اجا تائين هڪ ايراضيءَ کان ٻيءَ ايراضيءَ ۾ وڃڻ

لاءِ پرمٽ جي ضرورت پوندي آهي. هندستان جي آزاديءَ جي ائڪٽ ۾ ساڳي پاليسي برقرار رکي وئي. جيڪي ايراضيون بنهہ نظر انداز ڪيو ويون هيون، اُنهن کي بہ نيفا ۾ شامل ڪيو ويو جنهن کي هاڻي ارنوچول پرديش چيو وڃي ٿو ۽ جو آسام جي گورنر جي ماتحت آهي. اُتان جي اهم روڊ، افغان ـ دينا پور، تي ڊرائيور ٽرڪون هلائڻ کان نابري وارن ٿا، ڇو تہ ڪين ڪائي حفاظت نہ آهي. مني پوري سڙڪ تي ڊرائيورن پنهنجو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو آهي. آسام ۾ ناگا لئنڊ بارڊر تي چاءِ جي باغن ۾ پورهيتن کي هراسيو وڃي ٿو. ڪيئي باغي گروهہ پيدا ٿي پيا آهن ۽ انهن ڏکڻ اولهہ ۽ ڏکڻ اوڀر ۽ اولهہ هماليہ جي ايراضيءَ لاءِ مزاحمتي متحده محاذ نالي تنظيم ٺاهي آهي. ان تنظيم ۾ ڪيترين قوميتون شامل آهن، جن جا الڳ الڳ نالا آهن. جن سان سنڌ جي پڙهيل طبقي جي آشنائي نہ آهي. اُنهن جو مقصد آهي تہ دهشتگردي ڪرڻ سان اُن ساري خطي ۾ هندستان جي صنعت ڪاريءَ کي روڪيو وڃي. ٻاهرين هندستانين کي اُتي اچڻ نہ ڏنو وڃي.

پوءِ اُنهن کي چيف ڪمشنر آسام ڪڇهہ ايس. پي ۽ اي ايس. پي جي تحويل ۾ ڏنو ويو ۽ ڳوٺن ۾ مُکين جي حڪمراني رهي ٿي. 1946ع ۾ سياسي پارٽي ميزورام وجود ۾ آئي، جنهن جو نالو فقط مزو يونين رکيو ويو. مزو يونين کي آسام جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ شامل ٿيڻ تي اعتراض نہ هو ۽ نہ کي آسام ۾ رهڻ تي اعتراض هو پر هو چاهن پيا تہ اسيمبليءَ جو ڪوبہ قانون هنن سان لاڳو نہ ڪيو وڃي ۽ سڀ معاملا اندروني انتظاميا کي طئي ڪرڻ گهرجن. هنن جي اها بہ گهر آهي تہ مزو ضلعي ۾ مني پور، ترپوره ۽ چاٽگام جا پهاڙي ٽڪرا بہ شامل ڪيا وڃن، جن ۾ ڪافي مزو رهن ٿا ۽ انهن سڀني کي ملائي هڪ صوبي ۾ ضم ڪيو وڃي، جنهن کي پنهنجي مقننہ ۽ انتظاميا هجي. پهاڙي قومون برما سان الحاق ٿيون چاهن، ڇو تہ ثقافتي طور اُهي برما جي ويجهو آهن. ڪجهہ وقت کان پوءِ پارٽي ٺاهي وئي، جن کي پرڏانن جي حمايت حاصل هئي ۽ جنهن تي متحده آزاديءَ لاءِ تنظيم (United Freedom organization) نالو رکيو ويو. 24 جولاءِ 1959ع تي ميزو اتحاد جي اليڪشن ۾ زبردست جيت ٿي.

اڳتي ميزو رام جي ڳالهہ جي وچ ۾ قطع ڪلامي ٿي وڃي ٿي. متان وسري وڃي، انڪري هاڻي لکي ٿو ڇڏيان. مها ڀارت ۾ آهي تہ يڪش يڌشٽر

ڪان پڇيو تہ، ”دنيا ۾ حيرت انگيز ڳالھ ڪهڙي آهي؟“ يڌ شتر ڪجھ سوچي جواب ڏنو تہ، ”حيرت تہ ان ڳالھ تي آهي تہ ماڻهو بين ماڻهن کي روز مرندو ڏسن ٿا، پر انهيءَ مغالطي جو شڪار رهن ٿا تہ اسان ڪڏهن بہ نہ مرنداسين.“

شيخ فريد چيو آهي:

*فريدا کتھے ماں پی جنے تو جنیوه،*
*تے پا سیھیوا ابھی لڈ گئے، تواجی نھ پتنیوه،*

(فريدا! ڪٿي تنهنجو ماءُ پيءُ جن تو کي ڄڻيو؟
تنهنجا پاڙيسري بہ لڏي ويا، پر تو اجان نہ ڄاتو!)

شايد دهشتگرد جي نفسيات ۾ موت جي تمنا شامل آهي. گيتا ۾ آهي تہ ڪرشن ارجن کي رٿ تي چيو: ” مان ئي مران ٿو ۽ مان ئي ماريان ٿو ارجن تون تير هلاءِ!“

منهنجو دوست عبدالقادر صديقي، جو ڪنهن وقت سنڌ جو لا سيڪريٽري هو جڏهن سکر ۾ وڪالت ڪندو هو تڏهن چوندو هو ”انسان تازو ۽ جوان هجي، تنهن وقت مري ۽ بدبودار لاش ٿي نہ مري“ هو هن وقت پوڙهو ۽ اڳي کان ڪجھ وڌيڪ گڪو ٿي ويو آهي. خدا کيس وڏي حياتي ڏي، پر منهنجي صلاح آهي، تہ هو وصيت ڪري ڇڏي تہ ”مون کان پوءِ عطار جو پورو دڪان مون تي پيٽيو وڃي، جيئن ڪنهن کي اهو احساس نہ ٿئي تہ مان پوڙهاپي ۾ وڃي رهيو آهيان.“ هيءَ زندگي ٻيهر تہ ملڻي ناهي، هن دنيا ۾ هيءَ آخري زندگي آهي، جيستائين ڪنهن جو پنر جنم ۾ ويساھ هجي.

شايد دهشتگرد جي زندگي، پنهنجي منتها تي پهچي ٿي، جڏهن هُن کي گولي لڳي ٿي. مون کي تہ چي گئويرا جهڙي دلير انسان بہ نہ اُتساهيو جڏهن هو بوليويا ۾ ماريو ويو هو. ڇا بُک ۾ عقاب کي ماري هن جي گوشت کائڻ ۾ وڏي مڙسي آهي؟ پر انسان قابيل جي وقت کان هڪ رت پياڪ درندو ٿي رهيو آهي ۽ هن کي آدم جي اولاد ٿيڻ ۽ اشرف المخلوقات ٿيڻ لاءِ وڏي جهاد نفس جي ضرورت آهي.

مان نڪسلائيٽ تحريڪ جي باري ۾ ان ڪري وڌيڪ لکي رهيو آهيان تہ اهو ڏيکاريان تہ مان ان کان بي خبر نہ آهيان، تہ برِصغير ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي ۽ ان جي مستقبل ۾ جو ڪجھ منهنجون اکيون ڏسي

رهيون آهن. ان جي ڏيک لاءِ وڏي سياسي دوربين جي ضرورت آهي، پر مان اُهي جملا زور سان دهرائي رهيو آهيان تہ هي جيون ايڏو اجايو نہ آهي، جو اُن کي جوئا ۾ هارايو وڃي. اُهو ڪوئي ڪوڙو سڪو تہ نہ آهي تہ اُن کي ڪيسي مان ڪڍي ڦٽو ڪجي. ۽ موت گهُري ونجي، پر جي ڪنهن بہ وقت اهو اڻ ٽر آهي تہ اُن جي مُرڪي آجيان ڪجي، ڇو تہ اڳي يا پوءِ اهو هر انسان تي اچڻو آهي. فرانسز بيڪن چيو آهي تہ "خوش اهو آهي، جو موت کي سڏ ڪري نہ ڇئي تہ هاڻ مون کي وٺي هل! بهتر ٿيندو تہ جي هو اُن کان اڳ مري وڃي!" شاعر نوويلس (Novalis) چيو آهي تہ "اسان ڪيڏانهن ٿا وڃون؟ سدائين گهر ڏانهن!" دهشتگرد گهر ڏانهن اُهو رستو وٺن ٿا، جيڪو شارٽ ڪٽ (Short Cut) آهي.

گل چيو آهي:

"مُئا جي محبت ۾ ماريا نہ موت."

پر محبت ڪهڙي؟ محبت ڪنهن جي؟ ڪهڙي اجائي آهي؟ ڪهڙي سجائي آهي؟ ڪهڙي جنون آهي، ڪهڙي ذميدار وابستگي آهي؟ انهن سوالن جا جواب اڪثر دهشتگرد نہ ٿا ڄاڻن. هو خون خرابي جي خمار ۾ مرڻ يا مارڻ چاهن ٿا. هنن کي ڪارڻ اڪارڻ جي پوري ساڃهہ نہ آهي. هو پاڻ ۾ محو ۽ مست آهن ۽ ماحول کان بي خبر ۽ بي نياز آهن.

هڪ ڀيري مان حيدرآباد کان سکر پنهنجيءَ ڪار ٽويوٽا ڪارونا ۾ وڃي رهيو هوس ۽ رستي تي پوئين سيٽ تي ازراپائونڊ جي شاعريءَ تي ڪتاب پڙهي رهيو هوس. مان ڀانيان ٿو تہ مان هڪ تشبيهہ سوچي رهيو هوس، جنهن ۾ غالباً هن بارش ۾ پگهل پنن جو ذڪر ڪيو آهي. اهو ڪتاب اڃا مون وٽ آهي ۽ مان اصل شعر هٿي وقت ڳولي وٺندس. منهنجو ڊرائيور جو سيڪڙات هو تنهن سڪرنڊ وٽ ڪار ڪنهن بيٺل ٽرڪ سان زور سان ٽڪرائي. منهنجي هٿ مان رڳو ڪتاب پايدان تي ڪري پيو ۽ ڇاڪاڻ جو مان پوئينءَ سيٽ تي ويٺو هوس، انڪري مون کي رهڙ بہ نہ آئي. مون رڳو واٽڙو تي ڏٺو تہ ڇا ٿيو! ڪار جي بانيٽ ۽ ان جو بيو اڳيون حصو ختم ٿي ويو هو. مون ٿڌو ساهہ ڀريو. تي پئي سگهيو تہ اک ڀوٽ ۾ منهنجي زندگي ختم ٿي وڃي ها ۽ نہ رڳو منهنجي شاعري اڌ ۾ رهجي وڃي ها، پر ازراپائونڊ سان صحبت بہ اڌ ۾ رهجي وڃي ها! زندگي ڪيتري نہ پياري آهي! زندگيءَ سان

پيار انسان ۾ موت جو خوف پيدا ڪري ٿو. پل تہ پيو جهان هجي، پر هيءَ زندگي تہ ٻيهر نہ ملڻي آهي. اهي ڪاريون ڪجليون اکڙيون، اهي رسيل راس برڙيءَ جهڙا چپ، اهي هٿ، جيڪي ڪوئي منهن تي لائي ٿو تہ مينهن ۾ پنل نئين اُسريل ڪجيءَ جي تازن ڦرهن وانگر نرم آرام ده لڳن ٿا. هي رنگ برنگي جهولي جهڙي دنيا، جنهن ۾ جيءُ جهولي ٿو. هڪ ڊرائيور جي حماقت ڪري سدا لاءِ ڊانوانڊول ٿي وڃي ها. مون ڪار مڪئنڪ کي ڏيکاري ۽ ڊرائيور کي ڪجهہ سئو رپيا ڏنا، تہ ڪار هلائڻ جهڙي ڪري، سکر ڪاهي اچي تہ اُتي مان وڏيڪ ان کي ناهرائيندس ۽ رنگ ڪرائيندس! مون کي ٻئي ڏينهن تي سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻو هو. سو ٽئڪسي ڪري سکر هليو ويس. انت تہ هر ڪنهن لاءِ متيءَ جو وڇاڻو ۽ سرجو ويهاڻو آهي! اتفاق سان اُن ڏينهن حاجي مولا بخش سومرو مرحوم مون کي سيشن ڪورٽ ۾ مليو ۽ اُن ئي ڏينهن حيدرآباد ۾ علامہ آءِ. آءِ قاضي جي جنازي نماز هئي. مون حاجي صاحب کان پڇيو تہ: "اوهان هُن جي جنازي نماز تي نہ ويئو ڇا؟" هن غالباً اهو جواب ڏنو تہ: "اسلام ۾ اُنهيءَ جي جنازي نماز جائز نہ آهي، جنهن خودڪشي ڪئي هجي."

مون حاجي صاحب کان پڇيو "حاجي صاحب، ڇا مُئا بہ خودڪشي ڪندا آهن ڇا؟"

حاجي صاحب حيران ٿي ويو ۽ پڇيائين تہ، "ڇا مطلب؟"

مون هن کي ٻڌايو تہ، "علامہ جي جرمن زال گذاري وئي هئي، جنهن کي هو ڏاڍو پيائيندو هو ۽ مان ۽ رباني هن کي فاتحہ ڏيڻ لاءِ ويا هياسين. علامہ صاحب ڳالهين ڪندي مون کي ٻڌايو هو تہ مون کي شاهہ لطيف جي رسالي مان هن جي هڪ سٽ ساري ڪلام کان پياري ٿي لڳي: "ڪهڙي منجهہ حساب هئڻ منهنجو هوت ريءَ"، هن وڏيڪ چيو تہ، "هن لاءِ هئڻ ۽ نہ هئڻ هاڻي ڪائي معنيٰ نہ ٿا رکن. آپ گهات هئڻ جو ٿيندو آهي، نہ هئڻ جو نہ ٿيندو آهي."

حاجي صاحب پنهنجيءَ ڳالهہ تي اڙيو رهيو.

شام ٿي آهي. ٻار ڇون ٿا، ڪلفٽن تي هلون. مون ڪار وچ تي روڪائي. ساحل هوٽل تائين پنڌ ڪيو. ڪارخانن مان نڪرندڙ دونهين جا ڪارا ڪڪر، جي آسمان تي ڇانئجي ويا ها، ڇڻ ڪاري ڪُر ڪيتر وانگر

تي لڳا ۽ سج ڪرشن جي سُدرشن چڪر وانگر هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو هو. گهڙي نہ گذري تہ تيز هوا ڪڪر ٽورا هٽايا ۽ سج انهن مان سرسوتيءَ جي سُندر ٻانهن وانگر نڪري آيو. ايشور جي ليلا سان صنعتي تهذيب ڪيترو نہ وچڙي رهي آهي!

اج مون سمنڊ جي ڪناري تي ڪافي پنڌ ڪيو آهي ۽ ٿڪجي پيو آهيان. مان ڪمري جا بلب وسائي ليٽي ٿو پوان.

مون کي ٽئگور جا لفظ ياد اچن ٿا. "مان! اونداهي رات جي سونهن محسوس ڪريان ٿو جيئن هڪ محبوبا جي ڪبي آهي. جڏهن هو ڏيئو وسائي ڇڏيندي آهي." اوندهہ ۾ مون کي ڄامشوري ۾ املتاس جي وڻ ۾ لڙڪندڙ ڦرين جي ياد اچي رهي آهي، جڻ آسمان پنهنجن چپن تي آڱر رکي چئي رهيو هو "خاموش! مان هن تي ساري ڌرتيءَ کي واري ٿو سگهان!"

هيءَ عورت اُهي ليڪون آهي، جي سنڌ جي نقشي جون ليڪون ڊاهي سگهن ٿيون. هيءَ ڪاغذ نہ آهي، انسان آهي! سرِ الاهي آهي، جنهن جو ڪوئي ديس نہ ٿيندو آهي، زبان نہ ٿيندي آهي، جنهن سان ذات پات مت پيد نہ آهي ۽ ڪنهن جو ڪوئي مذهب نہ آهي، امير خسروءَ جي غزل وانگر خسروءَ جا لفظ "آري آري مي ڪنم" منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا ها. هوا ۾ املتاس لڏي رهيو هو ۽ آسمان پنهنجن چپن تي آڱر رکي چئي رهيو هو "خاموش!"

گهڙيال جا موسيقيءَ سان گهنٽا لڳا آهن. صبح جون پنجين وڳي جاڳ ٿي آهي. مان دري کوليان ٿو. هيٺان گل مهر جي وڻن تي ڪي اجنبي پکي ڇهچهائي رهيا آهن. مان دريءَ وٽ هڪ پوپٽ ڏسي کيس چوان ٿو تہ "پاڻ ڪان وڏيڪ رنگين اُفق کي چُمي ڏي" پوءِ خدا جو شڪرانو بجا آڻيان ٿو تہ مون کي هڪ ڏينهن وڌيڪ ادبي تخليق لاءِ ڏنو اٿائين. مان دريءَ مان هيٺ ڏسان ٿو. گل مهر جا گل هوا ۾ جهومي ڪنڌ ڌوڻي مون سان متفق ٿي رهيا آهن.

مان وري پنهنجي ميز تي اچان ٿو جتي سؤ کن ڪتاب حوالن لاءِ پيا آهن ۽ نوٽ بُڪ ۾ لکان ٿو نڪسلائيٽ تحريڪ تي، جتي اُن کي ڇڏيو هيم. اتان شروع ڪريان ٿو.

هر ڪوئي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪري سگهي ٿو. سنڌي نوجوان يا پورو

پاڪستان ان تي سوچي سگهي ٿو تہ طالبان جي تحريڪ جي فرنٽيئر ۾ ڦهلجي وئي تہ ساري ملڪ جون وايون ولڙيون ٿي ويندين! مون تہ پنهنجو فيصلو ڪيو آهي تہ منهنجي دنيا آرٽ جي دنيا آهي. نہ ڄاڻان تہ شاهہ محمد پيرزادي مون کي منصور جي عربي شاعريءَ ۽ اُن جو اُردو ترجمو ڇو نہ موڪليو آهي؟ آصف فرخي مون سان جرمنيءَ وڃڻ کان اڳ موڪلائڻ آيو هو ۽ مون کي ستن اردو ڪتابن جو سيٽ ڏئي چيو هيائين، تہ مون منصور جو ديوان ۽ اُن جو ترجمو شاهہ محمد کي ڏنو آهي، جو توکي پهچائي ڏيندو. مون فرخيءَ کي چيو تہ احمد سليم مون کي ”سويرا“ رسالي جو منصور نمبر لاهور ۾ ڏنو هو پر فرخي چيو تہ ان ۾ منصور جو ٿورو ڪلام هو. مون جميلا هاشميءَ جو حسين بن منصور حلاج تي ناول ”دشتِ سوس“ بہ نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيو هو.

مون کي جميلا هاشميءَ سان پهرين ۽ پوئين ملاقات ياد اچي ٿي. اسان رائيٽرس گلڊ جي ڍاڪا سيشن ۾ ڊيليگيٽ هياسين. هڪ ڏينهن هوءَ، مان ۽ جميل جالبي (ڪراچي يونيورسٽيءَ جو سابق وائيس چانسلر ۽ مقتدره قومي زبان جو سابق چيئرمين) ڍاڪا ۾ رستي تي، ڪنهن سواريءَ لاءِ بيٺا هياسين. هڪ رڪشا وارو لنگهيو تہ جميلا هاشميءَ اُن کي هٿ ڏئي بيهاريو ۽ رڪشا ۾ پٺينءَ سيٽ تي چڙهي ويني. ڊاڪٽر جميل جالبيءَ پويون در کولي اندر وڃڻ چاهيو تہ جميلا ڪيس روڪيو ۽ چيو تہ ”تون ٻي رڪشا تي اچ!“ هوءَ مذهبي عورت ٿي ڏٺي ۽ هن نہ ٿي چاهيو تہ رڪشا جي پوئين سيٽ تي ڪنهن جي ران هن جي ران کي ڇهي. نيٺ مان ۽ جالبي ٻيءَ رڪشا تي وياسين. رستي تي جالبيءَ ٻڌايو تہ فرانس جي مشهور ناول نويس فرانسوا ساگان هن جي دوست هئي. اُن وقت ڪنهن کي خبر هئي تہ جميلا هاشميءَ جي جيئري يا هن جي موت کان پوءِ هن جي ناول ”دشتِ سوس“ جو افتتاح ئي جميل جالبي ڪندو!

وري ميزو رام تحريڪ ڏي اچان ٿو. اي غمِ دوران تون جان نہ ڇڏيندين! ميزو آزاديءَ جي متحده محاذ (U.M.F.O) تي اُتان جا مکي تہ خوش نہ ها. جيئن هر تحريڪ وقت گذرڻ سان ڏڪڻ ۾ ورهائجي ويندي آهي. تيئن 15 آگسٽ 1979ع تي علحدگي پسند ٽولي، اُنهن کي خون خرابي جو ڏڪو ڏنو جي آزاديءَ جو ڏينهن ملهائي رهيا هئا. هن دؤر ۾ انسان جي انا ائنا پورنا تي

وڃي پهتي آهي. هر ايچو ميچو ڪاڪڙ ڪوڪڙ ليڊر ٿيڻ چاهي ٿو. منهنجو وس پڄي تہ جاگيرداري دؤر جي لفظ سياست کي ٿي تيلي ڏئي ڇڏيان. مشنرين جي ڪري ميزو رام ۾ تعليم ٻين ترقي يافتہ صوبن کان وڌيڪ آهي. تفصيلي تاريخ لاءِ تہ الڳ ڪتاب جي ضرورت آهي. جنهن جي رشيد حسن خان کي بہ خبر نہ هئي، جنهن کان مون ”همرو باڙي تمرو باڙي، نڪسل باڙي“ نعرو ٻڌو هو. هاٿي رات جا ٽي لڳا آهن. نڪسل باڙي تحريڪ تي پڙهي ۾ ڪراچيءَ جي مار ڌاڙ، ڦرلُٽ تي سوچي دماغ ۾ اکيون ٽڪجي پيون آهن. ڪتاب هٿ مان ڪري پوي ٿو ۽ مون کي ننڊ کڻي ٿي وڃي. خواب ۾ ڏسان ٿو تہ ”سچ ڪاپار ٽي اچي ڇڪو آهي. تاڪ منجهند آهي. مون کي سجاوتيءَ جو سور پئجي رهيو آهي ۽ مان گهر پڄڻ لاءِ سٽي ڪورٽ شڪارپور وٽان ويندي ننهن کان چوٽيءَ تائين پگهرجي ويو آهيان. ايڏي اُبس! ويجهو ڪائي سبيل بہ نہ آهي، جو اُڃ اُجهايان! اوچتو محرم ٽانگي وارو نظر اچي ٿو. هو چنل ڦاٿل بگي هلائي رهيو آهي، جنهن جا ڦيٿا چيڪاٽ ڪري رهيا آهن. هو مون کي چوي ٿو تہ ”اياز صاحب! اچو تہ اوهان کي بہ کڻي هلان. ٽپت تہ نہ آهي، ڪانوَ جي اک ٽي نڪري! هن کي پاٽيءَ جو ڪُمرو هو جو هُن مون کي ويهڻ لاءِ ڏنو. مان بہ ڊڪ پيو، اُهو هن کي موٽائي ڏنو. هن کي پوڙهو ڪميت گهوڙو هئو جنهن جون پاسيريون نڪري آيون هيون ۽ جو ڪٽ تاليءَ جي ڪاريءَ گاڏيءَ ۾ ٻڌل هئو. هن جي چهبڪ تي ڪارن گلابن وانگر ڪاري اُن ويڙهيل هئي. هو جماٽي هال وٽان هاٿي در ڏانهن مُڙيو تڏهن مون هن کي چيو تہ ”مون کي لکيدر وٽ ڇڏ! ”هن چيو تہ: ”هاٿيدر تي لالواڻيءَ جي گهران ٿيندا هلون. متان هوءَ موٽي آئي هجي!“

هن هڪ ڏاڪڻ وٽ گهوڙو جهليو ۽ مون کي هٿ کان وٺي ڏاڪڻ تي مٿي هليو. هن ڪڙو ڪڙڪايو سڏ ڪيا ۽ پوءِ خار ۾ در کي ڌڪ بہ هنيا، پر در نہ کليو. هن مايوس ٿي چيو ”سڀ لڏي ويا، هاڻي ڪوبہ نہ ايندو.“ پوءِ چيائين تہ ”هل تہ توکي اُهو گهر ڏيکاريانءِ، جتي تون رابيل جون ڪنديون وٺي ويندو هئين.“ اوچتو هن هڪ مسجد وٽ گاڏي بيهاري ۽ محرم مون سان گڏ هيٺ لٿو اسان هڪ ڇتيءَ جاءِ جو دروازو ڪڙڪايو ۽ پوءِ ان کي زور سان ڌڪ هنيا. ٿوريءَ دير کان پوءِ دروازو کُليو پر اندر ڪوئي نظر نہ آيو. مون سڏ ڪري

پڇيو تہ ”تون ڪٿي لڪي ويٺي آهين؟“ جواب آيو تہ ”تنهنجي منهنجي وچ ۾ روشنيءَ جي ديوار آهي، اُها ٽپي سگهين تہ مان توکي اُن جي پٺ تان ملندس.“ مون روشنيءَ جي ديوار ٽپڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿيس. محرم ٻاهران سڏ ڪري چيو تہ ”هتي ڪوئي بہ ڪونهي. تون ڪليل دروازي کي ڏڪ ڇو ٿو هڻين؟ سڀ لڏي ويا! سڀ لڏي ويا!“ پوءِ محرم ڪيسي مان واڄو ڪڍي وڄايو ۽ چيو ”هل تہ مان توکي لکي در تي ڇڏيان!“

اوچتو اک کلي وئي. ڪهڙو نہ عجيب خواب هو، جو حقيقت جي عڪاسي ڪري رهيو هو! محرم جو واڄو منهنجن ڪنن ۾ گونجي رهيو هو ۽ شيشي جي دريءَ تي سانوڻ جا وڏ ڦڙا وسي رهيا ها.

اي اياز! وري غمِ دوران ڏانهن موٽ ڪاءِ. اُتر اوڀر هند ۾ دهشتگرديءَ راڳا ڪري ڇڏيا آهن. سب ٽريزري لُٽي وئي آهي. اٽڪل هڪ هزار ميزو حمايتن آسام رائفل پوسٽ تي حملي ۾ ڪيئي آسام رائفل وارا ماريا آهن.

1 مارچ 1966ع تي ايم. اين متحده محاذ جو اعلان ڪيو، جنهن ۾ سٺ پيون بہ ڏريون شامل هيون. سرڪار ايترو حيران ٿي وئي، جو 2 مارچ تائين ڪوئي قدم کڻي نہ سگهي. قوم دشمن ميزو پهاڙين ۾ وڌي رهيا ها، ان ۾ ڪوئي شڪ ڪونهي تہ، نہ صوبائي ۽ نہ قومي حڪومت ميزو پهاڙين جي حالت کي ايتري خطري سان ڏٺو تہ ميزو صف بندي ڪري رهيا ها. نيٺ باغي پيش پيا ۽ فوج قبضو ڪري ورتو. ڪجھ باغي چاٽگام جي پهاڙين ۾ پهچي ويا ۽ ڪجھ برما ۾. شڪست کان پوءِ بہ ميزو متحده محاذ دهشتگرديءَ جي ڪاروائي نہ ڇڏي. 1966ع ۾ چين هٿان هندستاني فوج جي شڪست تي. اِن دهشتگردن جو من وڌايو ۽ هنن وري هٿيار کنيا. نيٺ 1975ع ۾ معاهدو ٿيو، تڏهن بہ دهشتگرديءَ جا واقعا وڌندا رهيا، مختصراً 1991ع کان وٺي 1995ع تائين ڪافي خون ٿيا ۽ فوجي دستن جا ماڻهو بہ ماريا ويا ۽ تحفظاتي دستن جابہ ڪيئي ماڻهو ماريا ويا.

اُتر اوڀر ۾ بغاوت ناگالئنڊ ۾ شروع ٿي. اُن تي ضابطو شروع ۾ رکي سگهجي ها. باغين هندستان کان ٻاهر اڏا ناهيا آهن، بئنڪن ۽ خزانن کي لٽيو ويو آهي. پاڪستان ۾ اهو اثر تہ ناگالئنڊ ۾ ڪي وحشي درندا ٿا مرن، غلط آهي. اهي ڪراچيءَ جي مهاجر وانگر ڪافي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجهيل آهن، ساڳيءَ طرح اُتر اوڀر ۾ زبردست دهشتگردي ٿي رهي آهي. اُتي پوليس

آفيسرن جو قتل عام تا ڪن، بئنڪون ۾ خزانا تا لٽن. اُنهن جي جدوجهد جو ذڪر طول طويل آهي. اُتي هڪ مارڪسسٽ منسٽر آهي ۽ گورنر هندستاني رجنيش پنداري آهي ۽ هنن ۾ لڳاتار ڇڪتاڻ رهي ٿي. جيڪي فعال قومي گروهہ (Militant Tribal Groups) آهن، سي ڏڙن ۾ ورهائجي ويا آهن.

آسام ۾ دهشتگرديءَ جو مقصد اهو آهي تہ اجازت ڪان سوا ٻاهران آيلن کي لوڏي ڪڍيو وڃي. اهو مسئلو ورهاڱي ڪان پوءِ جو آهي. ساري صورت حال گنجريل آهي هندستان ۾ اندرا گانڌي ٽئنڪون موڪلي گرو مندر تي فوج ڪشي ڪئي. ڪيترن ئي سِکن ۽ اُنهن جي مهندار جرنيل سنگهہ پنڊران والا کي هن جي ڏرمڙيڏ مورچي ڪان پوءِ ماريو ويو ۽ گرو مندر ۾ گولين جو وسڪارو ٿيو. ان ڏس ۾ خوشونت سنگهہ جو ڪتاب (My bleeding punjab) پڙهيو وڃي، هن جي ناول ۾ دهليءَ ۾ اڪين ڏٺو حال آهي تہ ڪيئن اندرا گانڌيءَ جي قتل ڪان پوءِ هندن سکن کي بيدرديءَ سان ماريو. هنن جي املاڪ کي ساڙيو ۽ ڪيئن راج لپر خوشونت سنگهہ کي بچايو ۽ آمريڪن ايمبيسيءَ ۾ پناهہ وٺي ڏني.

ڪشمير جو مسئلو تہ اسان روز پنهنجيءَ ٽي ويءَ تي ڏسون ٿا. ان ۾ ڀارت جو ظلم ستم ۽ دهشتگردي شامل آهي. حقِ خود اراديت هر قوم جو بنيادي حق آهي. روس جهڙي زبردست قوت بہ اهو حق تسليم ڪيو آهي.

ڪيتري بہ پروپئگنده هجي، اهو تہ ظاهر آهي تہ ڪشمير جي جدوجهد حقِ خود اراديت ۽ علحدگي لاءِ ڪئي وڃي ٿي. تامل ايلام (Tamil Elam) جي آزاديءَ جا چيتا، پڻ هڪ دهشتگردن جي تحريڪ آهي، جا تامل نادو جي تامل قوم سان رشتو ڳنڍي ٿي ۽ سري لنڪا جي فوج سان خانہ جنگيءَ ۾ رُڌل آهن. اُنهن ڪيئي بم هنيا آهن، ڪيتريون ئي بسون اُڏايون آهن، جن ۾ ڪيئي ٻار، ٻڍا ۽ زالون بہ مُيون آهن.

اُن تحريڪ کي مختصراً Litte چيو وڃي ٿو.

مدراس جي ويجهو ولوُر ۾ 43 دهشتگرد نظر بند ڪيا ويا، جتان هو 14 آگسٽ 1995ع تي ڀڄي ويا. اها ڳالهہ ڀارت جي سڪيورٽي فورسز جي ڪمزوري ڏيکاري ٿي. تامل نادو ۾ وري هو منظم ٿي رهيا آهن. لوڪ سڀا ۾ گهرو امن واري وزير مڃيو آهي تہ Litte جا تعلقات هندستاني دهشتگردن

سان آهن. جنهن ڪري سري لنڪا ۾ ثقافتي تصادم ۽ تشدد وڌي سگهي ٿو.

اڄ 13/2/1997 تي انگريزي روزنامي ڊان ۾ خبر آئي آهي تہ دهشتگردن تري پوره جي ڳوٺ ۾ 15 ڳوناٽن کي ماري وڌو. هونءَ تہ دهشتگرديءَ جي هندستان ۾ اُها شدت گهٽجي وئي هجي، پر اُن جي وري وري اُپرڻ جا واقعا ٿي سگهن ٿا. هو ان لاءِ گهڻو الزام پاڪستان تي هڻن ٿا ۽ چون ٿا تہ پاڪستان بنياد پرستي ڦهلائي رهيو آهي. پر مون ڪجهہ هندستان ۽ ڪشمير تي ڇپيل ڪتاب پڙهيا آهن، جيڪي چون ٿا تہ جيڪڏهن هند سرڪار شيخ عبدالله کي جيل ۾ نہ وجهي ها تہ اُتي آزاديءَ جي تحريڪ ايترو زور نہ وٺي ها! ايم جي اڪبر جو ڪتاب 'انڊيا ۽ اندروني گهيراءُ' (India the seige within) ۽ راج موهن گانڌي 'جيڪو ڪنهن وقت ڪشمير جو گورنر هو جو ڪتاب هُندي مسلمان'، (Muslims of India) بنا تعصب جي پڙهيا وڃن تہ اهي هر ڪنهن جون اکيون کولي ڇڏيندا. اهو نوٽ ڪيو وڃي تہ ايم. جي اڪبر، خان عبدالغفار خان جو مائٽ آهي ۽ راج موهن گانڌي (مهاتما گانڌيءَ) جو پوٽو آهي. هندستان ۾ منهنجي دوست گني سامتاڻيءَ صلاح ڏني هئي، تہ وي ايس نيپال جو ڪتاب "هند هاڻي ملين غدار" (India a million mutinies now) پڙهي ڏسان. پيون ڳالهيون تہ پنهجي جاءِ تي، ان ڪتاب ۾ آهي تہ ڊاڪٽر ائمبيڊڪر جا 17 ڪروڙ اڇوت پوئلڳ آهن. جن کي برهمڻ طبقي لاءِ سخت نفرت آهي. مون اُن جو ذڪر آتم ڪهاڻي جي پهرين حصي ۾ ڪيو آهي.

ڇا اگني ميزائيل ۽ پرٿوي ميزائيل جهڙا هٿيار برصغير جو مستقبل آهن؟ ڇا نفرت ۽ تباهي اوس آهي؟ ڇا عيسيٰ هرويرو صليب تي چڙهيو هو؟ دارا شڪوه ۽ سرمد جو قتل بي معنيٰ هو؟ ڇا ٽالسٽاءِ ۽ ٿارو پنهنجي عمر اجائي وڃائي هُئي؟ ڇا انسان ڀرا ڙيءَ جي سادي زندگيءَ، ديانتداري ۽ فطرت ڏانهن موٽي نہ ٿو سگهي؟ ڇا گاڌسي، جي گولي ڪروڙين گوليون ٿي وڃڻي آهي؟ ڇا ڀڳت سنگهہ ۽ چندر شيکر آزاد جو موت اجايو ويو؟ جهانسيءَ جي راڻيءَ، تانتيا توپي ۽ ٽيپو سلطان پنهنجو سر هرويرو وڃايو؟ ڇا جلايانوالا جو ڪوس اجايو ويو؟ گانڌي تنهنجي سابرمتي آشرم تان مٿي ميڙڻ وارو ڪوئي نہ رهيو آهي؟ ڇا برِصغير ۾ انسان سُک ۽ شانتيءَ سان نہ رهي سگهندا! ڇا سج ۽ چنڊ جا ڪرڻا انڊمان ۽ نڪوبار ٻيٽن تي پچندا رهندا تہ

هي ڪير آهن، جن جون هڏيون پڄي پورا ٿي ويون آهن؟ انهن ڇو قيد، جلاوطني ۽ موت قبوليو هو؟ هي ٻيا ماڻهو جي ڪُمين وانگر ڪنڌ لڪائي هلن ٿا، اُنهن کي ڪيڏي نہ پڪ آهي تہ اُهي، تاريخ جي ٻُل ڊوزر هيٺان چيٿاڙجي نہ ويندا! هيءَ ٻُڌ، مهاوير، ميان مير ۽ دارا شڪوه، سرمد ۽ گانڌيءَ جي ڌرتي ڪيسين لهولهان رهندي؟ ڪيستائين مردا پنهنجا هڏا مزارن ۽ مرقدن ۾ محفوظ سمجهندا؟ ڪيستائين گدڙن ۽ لومڙن کي شينهن جي نالن سان نوازيو ويندو؟ تاريخ جي ڪُتا مُڪ ڪان ڪڏهن آجا ٿيندا سين؟

ڌرتيءَ جي ڪٽِ ۽ وَهَر مان ڪڏهن جان ڇٽندي؟ جنهن منهنجو نظم وجون وسڻ آئيون ۾ "مينهن آءُ!" پڙهيو هوندو اهو منهنجي دل جي ڪيفيت سمجهي سگهندو!

وِيهِن صدين ۾ هيءَ بُري ۾ بُري صدي آهي. ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي نڪسلائيٽ تحريڪ کان وڌيڪ پر تشدد تحريڪ اُڀري آهي. اُن کي دٻائڻ لاءِ حڪومت زياده پُر تشدد ذريعا سنگ دليءَ سان استعمال ڪيا آهن. ايم ڪيو ايم جي تشدد پسند واقعن جو اثر نہ فقط ڪراچيءَ جي ڀراڙيءَ تي ٿيو آهي، پر حيدرآباد، ميرپورخاص، نواب شاهہ ۽ سکر ۾ بہ تشدد جا واقعا ٿيا آهن. ان کان پوءِ لاهور ۽ پنجاب جي ٻين ضلعن ۽ پشاور ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا ٿيا آهن. ٽرينن، بسين، ڪارين، مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ شيعن ۽ اهلِ حديث جي وچ ۾ جهيڙا ٿيا آهن ۽ ڪيترن هنڌن تي بم رکيا ويا آهن. انهيءَ آدم خور صورت حال جو بنيادي ڪارڻ ڇا آهي؟ ڪنهن تاريخ دان ان تي سوچيو آهي تہ هي موت جو مينهن ڇو ٿو وسي؟ انسان ۾ ايترو وحشي درندو ڇو اُڀري آيو آهي؟ شينهن بہ شڪار کي ماري پنهنجي ڏر ۾ ڇڪي ويندو آهي ۽ جيستائين هن کي ٻيهر بُک نہ لڳندي آهي، ٻئي شڪار جي تلاش ۾ نہ هوندو آهي. هتي لاش ڪپي، ڳترا ڳترا ڪري، ڳوٿين ۾ ڇو پيري رهيا آهن؟ ان ۾ قانون جا محافظ بہ شريڪ آهن تہ معزز شهري بہ! جيڪي نفسيات جا ماهر آهن، اُهي چون ٿا تہ انسان جي ان ساري عمل پٺيان خود پرستي ۽ انانيت پسندي آهي. هڪ انسان پنهنجي زندگي ڪنهن آدرش جي ڪيڏ ڪاٽي سگهي ٿو پنهنجي خوشحالي ۽ خوشي نظر انداز ڪري، ڪنهن ڳالهہ لاءِ پاڻ کي قربان ڪري ڇڏي ٿو ۽ ساڳي زندگي ٿو رهي، جا هڪ برده فروش، منشيات فروش گذاري ٿو ۽ اُن لاءِ

هو بظاهر عيش وعشرت جي پوري زندگيءَ کي داو تي لڳائي ڇڏي ٿو؟ آخر ائين ڇو ٿو ٿئي؟ سوئر جي شڪار ۽ شاعريءَ ۾ ڪو فرق آهي يا نہ؟ منهنجا چؤستا ڪا چوپڙ جي راند نہ آهن. اهي منهنجي ساري جيون جو نچوڙ آهن، جن لاءِ منهنجي شاعري هڪ ڪرڻ ڦل جو ڪم ڏئي ٿي.

هڪ پيري سکر ۾ منهنجي چؤ ماڙ جاءِ تي، هڪ پوڙهو اُستو ڪوازي تي اوڪڙو ويهي ڪهگل ڪري رهيو هو. هن جي منهن تي گهنج پگهر جي لارن سان ڍڪجي ويا ها. مون ڪوني تي وجي هن کي شربت جو ٿڌو گلاس ڏنو. هن چيو تہ، ”پُٽ! مان هن ڪاڙهي تي هريل آهيان، اُڪرس مون لاءِ عذاب نہ هوندي آهي، توکي رحم آيو آهي تہ شربت پيئاريو اٿي، نہ تہ ماٺهو مون کي ٿڌو پاڻي بہ نہ پياريندا آهن. نندِ وقت مون لاءِ رات لسيءَ جو ڪُپو ٿي ايندي آهي ۽ مون کي ٻَهر ائين ڪٽي ويندي آهي، جو منهن انڌيري ۾ جاڳ ٿيندي آهي. نور جو تڙڪو نہ پوندو آهي تہ مان پنهنجا اوزار ڪٽي ڪم تي هليو ويندو آهيان. مون بہ مصريءَ جي تڙ جهڙا پهر ڏٺا آهن، پر هاڻ تہ حياتي ڦکن ڪانن جي چوسڻ وانگر آهي.“

”بابا، تون هاڻي آرام ڇو نہ ٿو ڪرين؟“

”پُٽ، مون کي پورو اٿالو پالڻو آهي. گهر ۾ ڪمائڻ وارو رڳو مان آهيان گهر ۾ ڪچين ڪوٺين جهڙا ڏوهٽا ڏوهٽيون پوٽا پوٽيون پالڻا آهن. پُٽ تہ آفيمي ۽ گانجائي آهن ۽ جاٽا سنڌن سڪا ۽ مفت خور. مان جڏهن سارو ڏينهن پورهيو ڪندو آهيان، تڏهن سيني کي مانيءَ ڳيو نصيب ٿيندو آهي. جمع جي ڇُٽي بہ نہ ڪندو آهيان. پيو تہ منهنجو هن مالهيءَ سان عشق ٿي ويو آهي. اُن جو هٿيو يارِ جي هٿ وانگر آرام ڏيندو آهي. پُٽ مون کي ٿڪ نہ ٿيندو آهي. انسان قبر ۾ اڳو پوءِ ٿڪ لاهي ٿو.“ شڪارپور ۾ هڪ کهنباتي پوڙهي، جنهن جون اکيون جهُور تي وبون هيون ۽ جنهن جي منهنجي ماءُ سان ڏيٺ ويٺ هئي، اُن کي منهنجي ماءَ منهنجيءَ پيرڻ جو هڪ رئو کهنبي لاءِ موڪليو هو. هوءَ اسان جي گهر کان سو کن قدم پري رهندي هئي. مون کي ماءُ موڪليو تہ رئو تيار ٿي ويو هوندو ۽ اُهو مان هن وٽان ڪٽي اچان. مان هن جي گهر ويس تہ هو رئي کي رڱڻ کان اڳ اُن کي اوٽيون ٻڌي رهي هئي. منهنجي گهُر تي چيائين، ”پُٽ اکين ۾ موتيو پاڻي اچي ويو آهي ۽ اُهي جهانورائجي ويون آهن. نہ جاڻان تہ اُهي ڪڏهن بيهجي وينديون! هاڻي

اوٿيون اچي پڏيون اتم. باقي رڳڻ ۾ دير نہ لڳندي. پرينهن اڇجانءِ ۽ پيٽ جو کهنبو رٺو ڪٽي وڃجانءِ. دل تہ نہ ٿي چوي تہ وڏيڪ ڪم ڪريان! اکين تي پردو چڙهي نہ وڃي. مون هي ڪنهبا روا رڱيندي اکين تي راتيون ڪاٽيون آهن. هاٽي لاچار ٿي پئي آهيان پر ماٺهين سان پيٽپو آهي. اُنهيءَ سان وعدو ڪري ويٺي آهيان. اُهو وعدو پاڙي وڏيڪ ڪم نہ ڪٽندس. پُٽ جيءَ آهي تہ جهان آهي."

شڪارپور ۾ اسان جي پاڙي ۾ نوازي گونگي نالي هڪ درزي رهندو هو. هن ساڳيءَ سبڻ جي مشين سان ڪيئي سال نباهيو هيو جيئن ڪوئي هڪ زال سان نباهيندو آهي. مان هر عيد تي هن کان بوسڪيءَ جو جوڙو سبائيندو هوس. هو ڳالهائي نہ سگهندو هو ان ڪري جنهن وقت سٽي سبڻ جي هن کي پارت ڪبي هئي، تہ هن کي ڏسٽي آڱر آڱوٺي سان ملائي اشارو ڪبو هو تہ چڱي سبجانءِ، هو بہ پنهنجي ڏسٽي آڱر آڱوٺي سان ملائي، هٿ کي هلائيندو هو، جڻ چوندو هو تہ، "فڪر نہ ڪر، مان سٽي سبندو سانءِ."

مان عيد نماز پڙهي سڌو نوازي گونگي جي دڪان تي ويندو هوس، جو هو بينڪ ڪري ڪم آٽيندو هو. هُو مون سان عيد ملي، سٿڻ قميص ڏسي ڏسٽيءَ آڱر کي آڱوٺي سان ملائي هٿ کي هلائي جڻ چوندو هو تہ، وڳو واهہ جو توکي ٺهي ٿو! هڪ ڏينهن مان هن وٽ عيد کان بہ ڏينهن اڳ سبيل ڪپڙا کڻڻ ويس تہ ڏٺم تہ هُن جو سر وڏيءَ صندليءَ تي جُهڪيو پيو هو ۽ مشين هن جي پرسان ساڪت پئي هئي ۽ هو مري ويو هو. ڪجهہ ماٺهو مِڙيا تہ مون ڏسٽيءَ آڱر کي آڱوٺي سان ملائي هٿ هلائي دل ۾ چيو تہ نواز! تو ساري عمر پورهيو ڪيو. تنهنجيءَ ڪتائي ۽ سلائيءَ ۾ شاعري هئي. منهنجي آخري تحسين قبول ڪر! منهنجو جوڙو اڌ ۾ رهجي ويو ۽ مون هن جي جنازي نماز لاءِ معمولي ڪپڙا پاتا ۽ عيد تي بہ اُهيئي پاتا.

ٽڪ کان گهيرٽ ٿا اچن ۽ مان ننڊ جي پينگهي ۾ جهولا ڪائي رهيو آهيان. خواب ۾ ڏسان ٿو تہ، "مان ايورسٽ جي چوٽيءَ کي ڇهڻ لاءِ راتين جي ننڊ حرام ڪئي آهي. اگهائي توڙي سگهائيءَ ۾ منهنجو قلم بند نہ ٿيو آهي. شايد مان اهڙي قلعي کي فتح ڪرڻ چاهيان ٿو جو اڄ تائين ڪنهن فتح نہ ڪيو آهي. شايد مان اُن تائين پنهنجو دڳ ڳولي رهيو آهيان، جو اڃا تائين ڪنهن کي نہ مليو آهي. ويڙهيل ڪمند منهنجي ڪلهي ۾ آهي ۽ منهنجو

پنڌ جاري آهي. هڪ پيري مان سنڌ مسلم هاسٽل ڪراچيءَ مان ڪلفٽن تي ويو هوس ۽ ايترو رُليو هوس، جو منهنجون پنيون ڏاڍيون ٿڪجي پيون هيون ۽ مان واريءَ تي ڦهه تي ويهي رهيو هوس. اُهو وير جو وقت هو ۽ چوليون چنڊ ڏانهن اُڏامي رهيون هيون، جو اڳيئي سنڌن هنج ۾ پيو هو. جڏهن پاڻيءَ ۾ منهنجا ڪپڙا پڄي ويا ها، تڏهن مان ڪنڌيءَ کان پرپرو ليٽي سوچي رهيو هوس تہ چوليون چنڊ کي پڄي تہ نہ سگهنديون، پر هو پنهنجي فطرت کان مجبور آهن ۽ پنهنجو وس ڪنديون رهنديون. اوچتو ڪُوڪندي ڪوئي اڪيلو پکي سمنڊ مٿان آسمان ۾ گم تي ويو. مون سوچيو تہ هي ڪنهن لاءِ ڪوڪي ٿو؟ ڪنهن کي ڳولي ٿو جو پاڻيءَ ۾ آهي ۽ نہ آسمان ۾ آهي! ڇا اها ڪُوڪ، اها تلاش هن جي ساري زندگي آهي؟ يا هن جو ڪٿي آکيرو آهي، جو هن کان وسري ويو آهي ۽ هو ان کي ڳولي ٿو؟ ڇا مون کي پنهنجي منزل ملندي بہ يا نہ؟ يا ڪابہ منزل ڪانہ آهي ۽ اها تلاش ئي منهنجو مقدر آهي؟ انساني تاريخ مان بنهہ مايوس ٿي، تصوف ڏانهن وريو آهيان. مان اُهي بنيادي سوال اڳيئي لکي چڪو آهيان، جي مان حل ڪرڻ ٿو چاهيان. علامہ اقبال چيو هو:

*’تو ہے محیط بے کراں میں ہوں ذرا سی آبجو،*<br>*یا مجھے بے کنار کر یا مجھے ہم کنار کر*

مان ازلي حقيقت کي ”يا“ جي وٿي ڏيڻ نہ ٿو چاهيان ۽ پاڻ کي همڪنار ۽ بيڪنار ٻئي ڪرڻ ٿو چاهيان.

لڪندي لڪندي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. مون سپني ۾ ڏٺو تہ، ”پنهنجي دوست مرحوم جمال صديقي ۽ انهيءَ جي مامي عبدالرؤف سان گڏ بيڙيءَ ۾ پهاڙين مان وڃي رهيو آهيان. پوءِ پهاڙين جي وچ تي بيڙو جهلي پهاڙين تي چڙهي رهيو آهيان. مٿان سپيون پيون آهن. عبدالرؤف ۽ جمال هڪ هڪ وڏي سِپ ڪٽي اُن کي پَٽو تہ وچ مان موتي نڪري آيو. عبدالرؤف، جنهن کي موتين جي سڃاڻ هئي، چوتہ هن شڪارپور ۾ موتي ونڌيندا ڏٺا هئا، تنهن چيو تہ اهو موتي ڪوڙو آهي ۽ جمال بہ سپ پيچي ساڳي ڳالهہ چئي. مون ننڍي سپ نہ کولي ۽ کيسي ۾ وجهي چيو تہ ”مان صراف کي ڏيکاريندس.“ عبدالرؤف، جو سِپ ڪنڙو هيو اُن پڇيو ”ڇا چيئي؟ ڪنهن جي انصاف

جي ڳالهہ تي ڪيئي؟“ مون هن کي رڙ ڪري چيو ”صراف کي ڏيڪاريندس.“ هن وري بہ پورو نہ ٻڌو ۽ پڇيو ”ڪهڙو انصاف، ڪنهن جو انصاف، ڇا جي لاءِ انصاف؟“ مون وڏيڪ ڏنو تہ مان اها سپ صراف کي ڏيڪاري، جنهن کولي چيو ”هن ۾ سچو موتي آهي. وڪڻندين؟“ مون جواب ڏنو تہ ”ڪنهن بہ قيمت تي نہ! اهو مون کي سمنڊ ڏنو آهي.“

اوچتو منظر بدلجي ويو. مون ڏٺو تہ ”مان جمال ۽ عبدالرؤف ٽئي شڪارپور ۾ لکي در تي بيٺا آهيون. گوشت مارڪيٽ مٿان سرٽيون اڏامي رهيون آهن. اندر مارڪيٽ ۾ قيمي وٺڻ لاءِ وياسين. ماڻهن جي پيهہ ۾ هلچلو لڳو پيو هو. قيمي وارو ڪاسائي ڇيڙي تي وينو هو جنهن ڪافي قيمو ڪُٽي پاوَ اڌ سير ۽ سير جون ڍيريون ٺاهي رکيون هيون. جمال ۽ عبدالرؤف اڌ اڌ سير قيمو ورتو. قيمي ۾ ڪجهہ اڇيون اڇيون ٽڪريون هيون. مون کي شڪ پيو تہ اُهي قيمون ٽيل ڇيڙا آهن. پڇا تي ڪاسائيءَ ٻڌايو تہ اهي ڪٽيل سٽپ جون ٽڪريون آهن ۽ هن گوشت سان گڏ اُن جي چربي بہ ڪٽي آهي. مون کي هن جي جواب تسلي نہ ڏني ۽ مون هن کان يا هٿي ڪنهن کان قيمو نہ ورتو.“

اوچتو زرينا جي مٿن کان رکيل گهڙيال جي گهنٽي وڳي، جا هن کي نماز لاءِ اُٿاريندي آهي. مان ڇرڪ ڀري جاڳي پيس ۽ بستري تي رکيل نوٽ بُڪ ۾ مٿيان خواب لکي ڇڏيم، جي مون کي علامت ٿي لڳا. ڪيرو جي هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هوم تہ مارچ شاعرن ۽ آرٽسٽن جو مهينو ٿيندو آهي. مان 2 مارچ 1923ع تي ڄائو هوس، جڏهن سانپر جهڙو ٿيو هوس، تڏهن اسان جي پاڙي جا ڇوڪرا هيٺيون سٽون ڳائي نينگ ٽپا ڏيندا هيا:

نڪ ٽوٽا
جليبي ڪا
جرمن مُئو تہ اسان جو ڇا!

مان اُن وقت سوچيندو هوس تہ اهو جرمن ڪهڙو رهزن هو جو اُن جي موت تي ڇوڪرن جليبي ڪاڻ تي چاهي ۽ اها نڪ ٽوٽا ڇا هئي؟ نيٺ ٻي جنگ عظيم وقت پتو پيو تہ اها نڪ ٽوٽا ڇا هئي!

28/6/1992 تي فرانس جو صدر متران، بنا اعلان ۽ توقع خلاف

سراجيوو هليو ويو جو بالڪن جي جنگ جو مرڪز هو ۽ سال جي باقي حصي ۾ ڏيڍ لک جانيون ضايع ٿيون هيون. هُن جو مقصد هو تہ دنيا کي اطلاع ڏيان تہ بوسنيا جو بحران ڪيتريءَ اهميت وارو آهي. متران جي اها ڳالهہ پهرين سمجهہ ۾ نہ آئي تہ هن انهيءَ مهم لاءِ اها تاريخ ڇو چونڊي مئي! 28 جون 1914ع تي آسٽريا هنگريءَ جي آرچ ڊيوڪ سراجيوو ۾ خونريزي ڪئي هئي ۽ اتاويهين جون تي اُن جي ورسي هئي. ڪجهہ هفتن ڪان پوءِ پهرين جنگِ عظيم شروع ٿي هئي. اها هڪ علامتي تاريخ هُئي. جنهن جي چونڊ متران جي دور رس نگاهہ جي گواهي ٿي ڏني.

ماضيءَ کان غفلت ويهين صديءَ جي آخر ۾ هڪ حيرت انگيز حقيقت آهي. اڪثر نوجوان، پوڙها، عورتون ۽ ٻار هڪ پائينده حال ۾ رهن ٿا ۽ ماضيءَ مان ڪوئي سبق نہ سکيو اٿائون. اها ئي ڳالهہ آهي تہ هن صديءَ جو پويون ڏهاڪو تاريخ نويسن کي زياده اهميت ڏئي ٿو. جن جو ڪم اهو ياد ڪرڻ آهي، جو ٻيا وساري ڇڏن ٿا. 1989ع ۾ دنيا جي سينني ملڪن ۾ اُنهن جي سفيرن ان موضوع تي ٿيل ڪانفرنس مان ڪافي ڪجهہ پرايو آهي. اجا تائين تہ مون ڪٿي نہ پڙهيو آهي، تہ ٻي جنگِ عظيم جو ڪارڻ پهرين جنگِ عظيم هئي. جيتوڻيڪ برِصغير هندو پاڪ تي ٻي جنگ عظيم جو اثر ٿيو هيو اُن برِصغير جي نفسيات تي، جو اثر ڇڏيو آهي، اُن کي نظر انداز نہ ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ مان تاريخ جي اُنهيءَ ڊراما کي ورجايان ٿو. جو مون تاريخ جي ڪتابن ۾ پڙهيو آهي. ڪاش! مان شاهہ لطيف جو همعصر يا پيش رو هجان ها. جڏهن اتي جا گولا سيڪي سامي، آڏوتي، ويراڳي وغيره ٻُک متائيندا ها ۽ خودشناسيءَ ۽ خدا شناسيءَ ۾ ڀرپور زندگي گذاريندا ها! ڪاش مان وديا پتيءَ جي دور ۾ پيدا ٿيان ها ۽ هن وانگر سُندر نارين سان پيار ڪري سگهان ها. جن جي مستڪ تي سنڌور جا تلڪ هوندا ها ۽ جي چاڙين ۾ مانڊاٽيون هٽنديون نظر ايندڀون هيون. ڪاش! مون ۾ اُنهن مورتين لاءِ من ڪا نڊ هجي ها.

مون کي منهنجي صديءَ ڀراجايون سياسي اُميدون، قتل، غارتگري، اغوا، منشيات فروشيءَ ۽ اسلحا فروشيءَ جهڙا آدرش مليا. جن جو نشو ٽُٽو تہ ماٺهوءَ جو انگ انگ ڇهہ تي پوندو. مون کي ائين ٿو لڳي تہ هن صديءَ ۾ منهنجا 74 سال رائگان ويا آهن. مان ڪوئي تاريخ نويس تہ نہ آهيان، پر

تاريخ جو مطالعو ضرور ڪيو اٿم ۽ پنھنجي دؤر جو چشم ديد گواھہ آھيان. مون پنھنجي مطالعي ۽ مشاھدي مان نتيجا ڪڍيا آھن. تاريخ ڪي ڪنھن وقت ڪُتيءَ واري ڪت ڪٽندي آھي، ۽ اُھا پنھنجا ڪُتا ڳولي لھندي آھي. مون ڪڏھن نہ ڏٺو آھي تہ وھر وقت ڪُتِي ـ ڪُتي جي ڪن جا چچڙ ڳٽيندي ھجي! نہ رڳو تاريخ لاءِ ماضي، حال جو حصو آھي، پر ھر انسان جي سرگذشت جي پس منظر ۾ ماضي آھي ۽ اُھا ماضيءَ جي تجربي مان گذري آھي. دنيا. جا 1980ع جي آخر ڏاري پاره پاره ٿي وئي، اُھا روس جي 1917ع واري انقلاب ئاھي ھئي، جنھن جو منھنجي دؤر ۽ خاص ڪري مون تي ۽ منھنجي شاعريءَ تي اثر ٿيو آھي. اُن وقت دنيا اشتراڪيت ڏانھن مائل ھئي ۽ اجتماعي ملڪيت تي ہڏل ھئي، سرمائيدارن جي ملڪيت تي. مخدوم محي الدين سڌ ڏنو ھو تہ اُتي ھلو جتي، ’ھي مرا قافله سالارِ جھان. استالين ۽ چين تي فيض جي نظم وانگر آءُ بہ سمجھندو ھوس تہ ’بازو ھين مري ساتھہ ڪروڙ ‘ پر اقتصادي حل جا ٻيا بہ طريقا ھيا. جي ناروي، سئيڊن، ڊين مارڪ، جرمن فيڊرل ريپبلڪ، جپان، ڏکڻ ڪوريا، برازيل ۽ يو ايس ۾ آھن. پر اُنھن کي اسان ساڳيءَ صف ۾ ٻيھاري نہ ٿا سگھون. اقتصاديات جا يو ايس ايس آر ۾ ڊھي پئي، اُھا ڏکڻ اوير ايشيا ۾ اجا نہ ڊٺي آھي؟ ھر مذھب يا آدرش لاءِ جنگ جي قيمت ادا ڪرڻي ٿي پئي. مذھبي ڪٽرپڻو اُن جي خاص خامي آھي. مذھبي يا نظرياتي مقابلا، جن ھيءَ صدي وِھہ کان ڪڙي ٻڻائي ڇڏي آھي، تاريخ نويس جي راھہ ۾ وڏا روڙا آھن، جن جو مقصد اُنھن کي فتويٰ ڏيڻ نہ آھي. پر اُن ڳالھہ کي سمجھڻو آھي، جا ڳالھہ ٻيو ڪوئي سمجھي نہ ٿو سگھي. مان تاريخ نويس نہ آھيان، پر ھڪ شاعر ۽ اديب آھيان، مون کي اُن تي فتويٰ ڏيڻ جو حق آھي. ھيءَ صدي وڏي جک آھي، نظرياتي حماقت آھي، بگھڙ جي واڇن وٽان ماريل رڍ جي ڳڙندڙ رت آھي ۽ ٽين جنگِ عظيم جا شعلا ٻيھر بہ پڙڪي اُٿن تہ عجب نہ آھي. اھي نظريا، جي وبا وانگر ڦھلايا آھن، سي مُئا نہ آھن. نازي جرمنيءَ کي اُن جي ماضيءَ جي پس منظر ۾ نہ ڏسڻ، اُن کي بخشڻ برابر نہ آھي. اسرائيل جيان اڳين نازين جي تلاش تي ڪين ڪوئي ميار نہ تو ڏئي سگھي ۽ نہ نازي آتش مئن جي جنگ کان ڪيئي سال پوءِ سزا ڪائي حيرت جھڙي ڳالھہ نہ آھي. حضرت موسيٰ چيو آھي تہ، ”ڏند جي عيوض ڏند ۽ اک جي عيوض اک.“

ها اها بہ ڳالهہ آهي تہ مهاتما گانڌيءَ کي ڪنهن شخص گولي هڻي ڇڏي هئي، پر مهاتما بچي ويو هو تہ هن انهيءَ شخص کي معافي ڏئي ڇڏي هئي. واقعي گانڌي هن صديءَ جو اهنسا جو اوتار هيو. هن صديءَ ۾ بہ عظيم جنگيون ٿيون، جن کان پوءِ وڏا انقلاب آيا، جن جي انتها خونريزي، جور، جبر ۽ زبان بندي آندي ۽ ادب ۽ آرٽ کي دٻايو ويو. راڻي وڪٽوريا جو دؤر سامراجي دؤر هيو پر اُن ۾ جا خود اعتمادي هئي، پڇي پورا ٿي وئي ۽ وڏ ۾ وڏ ونسٽن چرچل جي موت تائين هلي.

يو ايس ايس آر 75 سالن ۾ پوري سوشلسٽ انقلاب جي ڪئمپ جي سربراهہ ٿي وئي. ان ۾ انسان ذات جو ٽيون حصو اچي ٿو ويچي ۽ ائين لڳو تہ ان جي اقتصاديات سرمايا دارانہ اقتصاديات کان گوءِ کٽي ويندي. ممڪن آهي تہ ڪجهہ صديون پوءِ ويهينءَ صديءَ جي اقتصادي ۽ سياسي زندگيءَ جو پورو تجزيو ٿي سگهي!

جي فرض ڪجي تہ جن صحافين، تاريخ نويسن ۽ فلسفي جي تجزئي دانن يو ايس ايس آر جي ٽالان والان ٿي وڃڻ کي تاريخ جو انت سمجهيو سي صحيح ها، تڏهن بہ ان چوڻ کان انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي تہ هن ڪيترن ئي مُلڪن جي پٽ تي پيل زرعي زندگيءَ کي اُتساهيو ۽ ان ڏس ۾ هڪ رفتار وڌائڻ (Accelerator) وارو ڪم ڏنو. 1960ع تائين سوشلسٽ ۽ سرمائيدار مُلڪ هڪ ٻئي جي مقابلي جهڙا ٿي ويا ها. جا ڳالهہ يو ايس ايس آر جي زوال کان پوءِ کلڻ هاب ٿي لڳي، برطانيا جي هڪ وزيراعظم آمريڪي صدر کي چيو هو "يو ايس ايس آر جي اقتصادي حالت سرمائيدار مُلڪن کان جلد بهتر ٿي ويندي. يو ايس ايس آر جي بحران مختلف ملڪن تي مختلف طور اثر وڌو. پهريون پيرو هڪ روز بروز ترقي ڪندڙ عالم گير اقتصاديات وجود ۾ آئي هئي، جا حڪومتن جون سرحدون ٽپي وئي هئي ۽ نظرياتي سرحدون بہ نہ رهيون هيون. 1914ع واري دنيا جي مقابلي ۾ 1990ع ۽ اُن کان پوءِ جي دنيا ڪيئن ٿي لڳي؟ اُن ۾ پنج يا ڇهہ بلين انسان رهن ٿا، جي پهرين جنگ عظيم واري وقت ۾ رهندڙ انسانن کان ٽيڻا آهن. هن صديءَ ۾ تاريخ جي هر صديءَ کان وڌيڪ ماڻهو ماريا ويا آهن يا ڄاڻي واڻي مرڻ ڏنا ويا آهن. ائين اڳي ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو.

مٿيان اکر لکيا اٿم تہ زرينا تريل دوٽر مچي، سرولي انب جون ڦارون،

خوبانيون ۽ آلو بخارا ڪٽي آئي هئي. مون ماني ڪائي اجا دل جي علاج لاءِ گوريون ورتيون آهن تہ ننڊ جو ڪيپ چڙهي ويو آهي ۽ ننڊا ڪڙو تي اٿان تو ۽ پکو هلائي پلنگ تي ليٽي پوان ٿو. منهنجون اکيون پورجي وڃن ٿيون ۽ مان ٻي دنيا ۾ وڃي نڪران ٿو. سپني ۾ مان ڏسان ٿو تہ "مان شڪارپور ۾ ڪاري نهائين۽وٽ بينو آهيان تہ مَنُو پريان ڊوڙندي تي اچي ۽ مون وٽ پهچي، منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ پنهنجون قوس قزح جهڙيون ٻانهون وجهي ٿي ۽ هن جون اکيون سانوڻ جي مينهن وانگر وسڪارا ڪن ٿيون. هوءَ مون کي چُمي ڏئي چئي ٿي تہ "مون کي جاڻ نہ هئي تہ اجان، تائين تون اسان جي گهر تي پهرو ڏيندو آهين ۽ اجا تائين اُن کي چور چڪار کان پناهہ ۾ رکيو اٿي. مون تہ سمجهيو هو تہ اسان جي جاءِ کي ڪاٺ لڳا هوندا ۽ ويندس تہ پٽين ۾ ٻر گهل هوندا، پر هن کي تہ ڪو ڇيهو نہ رسيو آهي. توکي ياد آهي تہ تو هڪ ڀيري ويراڳيءَ وانگر مون اڳيان بيک لاءِ هٿ ڦهلايو هو پر مان دروازو بند ڪري وئي هيس. " مان هن کي چڪي چاتيءَ سان لايان ٿو ۽ هن جا ٻہ آڙو منهنجيءَ چاتيءَ کي ڇُهن ٿا. مان هن کي موٽ ۾ چمي ڏئي چوان ٿو تہ جيستائين مان جيئرو آهيان، تيستائين تنهنجي گهر جي هر ڪا سر سلامت رهندي" ايتري ۾ ننڊ مان جاڳ تي وڃي ٿي. مان ڀانيان ٿو تہ صبح ٿي ويو آهي پر اجا شام آهي ۽ زرينا منگالي ۾ ٻرندڙ ٽانڊن تي هرمل وجهي وئي آهي، جنهن جي خوشبو چوڌاري ڦهلجي وئي هئي. هوءَ چوندي آهي تہ هرمل جو هڳاءُ هر نظرِبد کان بچائيندو آهي. اجا تائين تہ هن جو ٽوٽو مون کي بچائيندو رهيو آهي. اڳتي ڏسجي.

هيءَ مَنو ڪٿي مري تہ نہ وئي آهي، جو واري واري سان منهنجي ننڊ ۾ اچي ٿي يا هن جي محبت منهنجي دل ۾ ٻي ڀار تائين سُرنگهہ هڻي وئي آهي جتان هوءَ سرنگهہ مان هوا جي جهوٽي وانگر اچي ٿي؟

هڪ ٻجي تائين انگريزي The Bumper Book of Insults عجيب ڪتاب پڙهندو رهيس، جنهن ۾ پهريون اهو باب آهي، جنهن جو نالو آهي، "تنهنجي ستياناسيءَ کي ڪتڪتائي ڪيان ٿو"(I Tickle your catastrophie)

پويون باب "سرڪار جي ٻي بدڪاري" Other Badness of Government پڙهان ٿو تہ ٻي ٻجي رات جو پاسا ورائي ننڊ اچي ٿي وڃي. هاڻي مان ڪهڙا عجيب خواب ڏسان ٿو، "ننڊ ۾ مون کي ڪنن ۾ سڏ ٻُري

رهيا آهن. مان بنسري وڄائي رهيو آهيان تہ سڏ اچن ٿا تہ ”آهي ڪوئي ارستاشر کي مارڻ وارو؟ آهي ڪوئي ارستاشر کي مارڻ وارو؟“ هو ڪُرن سان زمين کوٽي رهيو آهي ۽ هٽڪار ڪري دنيا کي ڏيڄاري رهيو آهي. آهي ڪوئي جو هن جي للڪار جو جواب ڏئي؟ گرپ وتين گانين ۾ گورين جا گرپ ڪري پيا آهن! آهي جو ڪوئي ارستاشر کي ماري؟ جو جسم مٿان بادل وانگر ائين ٿو لڳي جيئن جبل مٿان لڳندو آهي.“

مان سڏ ورائي چوان ٿو تہ ”تون ڀُليو آهين. مان نند جو لال نہ آهيان. مان تہ فقط هن وانگر بنسري وڄائي رهيو آهيان!“

ايتري ۾ ٻئي خواب ۾ مون کي گارگي ۽ هن جو مڙس نظر آيو. گارگيءَ کي آلو بخارا وارو رنگ ۽ رس هو. هن جي مڙس مون کي شڪ سان ڏسي چيو تہ ”هن کي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي اوڪارا تي آيا. ڇا شاديءَ جي هڪ ئي رات ۾ ٻار ٿي ويندو آهي؟ هن جي چادر تي رسيل راس بريءَ جهڙي رس بہ نہ هئي! ڇا هيءَ ڪنهن مليڇ جو ٻار کڻي آئي هئي؟“

مون هن کي ڌيرج سان جواب ڏنو تہ ”ٻار ٻار ٿيندو آهي، پوءِ مليڇ جو هجي يا ٻئي ڪنهن جو؟ جي تون اُن کي پنهنجو ڪري پاليندين تہ گن پتيءَ جي سونڊ ۽ هنومان جي پڇ کي عجب سان نہ ڏسندو.“

ايتري ۾ گارگي ۽ هن جو مڙس گم ٿي ويا ۽ منهنجي ننڊ مان اک کُلي وئي. ڪيڏا نہ عجيب خواب ها؟ ڇا گارگي هاڻي پوڙهي جهور ٿي چُڪي هوندي ۽ هن مان مليڇ جو پٽ هوليءَ جون پچڪاريون هڻندو هوندو؟ يا مورڳو هوءَ مري چُڪي آهي ۽ هن جي پُٽ کي معلوم نہ آهي تہ هو مليڇ جو پٽ آهي؟ ڇا ويريہ جو بہ ڪوئي دين ڌرم ٿيندو آهي؟ گارگي! مون توکي گلاب جو گل پيتا ڏنو هو جي هن کي مون جهڙي آب وهوا ملي ها تہ هو مون کان بہ وڏو شاعر ٿئي ها! وري منهنجو پراڻو منشي عادل خواب ۾ نظر اچي ٿو. هو ٽوڻڪ ۾ صوبيدار هو. آل عيال وارو هو ۽ پاڪستان ۾ اچڻ کان پوءِ ڪُسڙجي ويو هو. هڪ ڀيري هو منهنجي گهر آيو ۽ چيائين تہ ”صاحب! ڏئي وٺي بيٺو آهيان. هاڻي تہ ٻُک تي ويلا ٽا ڪاٽتا پون. هڪ ٻار کي تہ ڪنگهي وٺي وئي آهي، ٻيو ڄائي ڄم کان لولو لنگڙو آهي. ڪنگلائيءَ ايترا ڏوجهرا ڏنا آهن جو ڳالهہ وات تي نہ ٿي اچي. مون کي پنهنجي آفيس ۾ نوڪري ڏي! مان اُن جو جهاڙو ڏئي، چنڊ ڦوڪ ڪندس، پيئڻ لاءِ پمپ تان گهڙو ڀري

رڪندس، تون ٽڪجي پوندين تہ توکي زور بہ ڏيندس." ايتري ۾ منهنجي اک کُلي وئي. مون خواب نوٽ بُڪ ۾ لکي، عادل کي ياد ڪيو. مون جيڪي بہ مهاجر ڏٺا آهن. عادل اُنهن ۾ شريف ترين انسان هو. پاڪستان ۾ ڪي مهاجر سڀ ڪجھہ لٽائي آيا ها ۽ ڪي لوٽو ۽ ڦورو آيا ها، جن متروڪہ جاين ۽ زمين تي ناجائز قبضا ڪيا ها ۽ هو نڪ تائين ڍائجي پيا ها. عادل کي ٽؤنڪ جي گھٽيءَ گھٽيءَ سان ايتري محبت هئي، جو هن جو وس پڄي ها تہ وصيت ڪري ها تہ مون کي ٽؤنڪ ۾ پورائجو. هو شاعر بہ هوندو هو. مون هن کي ڏيڍ سؤ رپيا مهينو ڏيڻا ڪيا.

جنهن متروڪ جاءِ ۾ مان رهندو هوس، اُها ايتري وڏي ۽ مهانگي هئي، جو ڪنهن سنڌيءَ کي ملي نہ ٿي سگھي ۽ الاٽ مينٽ لاءِ اُن جي باري ۾ پُڪا وڏا ويا ۽ پُڪي ۾ جاءِ عادل کي آئي. هن کي پنجهٺ هزار آڇيا ويا، پر هو مون وٽ آيو ۽ چيائين، "سر، مون کي پنجهٺ هزار ڏين ٿا، پرجاءِ مان اوهان کي ارڙهين هزارين ڏيندس. ايترو ئي منهنجو ڪليم هو جنهن ۾ مون کي هيءَ جاءِ لاٽريءَ ۾ ملي آهي. مون هن کي چيو تہ، "عادل اها قيمت مناسب تہ نہ آهي. ڪجھہ وڌيڪ وٺ."

هن جواب ڏنو تہ، "مون کي وڌيڪ ٽڪو بہ سوئر جي رت وانگر آهي. تون منهنجي ان وقت مدد ڪئي آهي، جنهن وقت مون کي ايترا پيسا بہ ڪونہ هيا، جو پڳڙن لپ وٺي کاوان ها." مون کي ڀٽائي جي سٽ ياد ٿي اچي:

"اجا بہ آهين، سڀ نہ ويا سنسار مان."*

پوءِ زرينا عادل جي زال کي گھرائي، هُن جي وڏ ور ڏيءَ لاءِ ڳھہ ڳنا، ڪپڙا لٽا، هنڌ بسترا، ٿانو ٿپا مطلب تہ هن جي شاديءَ وقت پورو ڏاج ڏنو هو. اها جاءِ، جتي پنجهٺ سال زرينا سرو سامان ڪنو ڪيوهو، دهشتگرد ڦري ويا.

اُنهيءَ جاءِ ۾ هڪ تجوڙي هئي، جا لاڪ ٿيل هئي. زرينا، منهنجي پرپٽ انيس کان مستري گھرايا، جن اُن جو لاڪ ٽوڙي، پيچ پيچ ڌار ڪري ڇڏيو هو. اها تجوڙي، جي سالم هجي ها تہ هن وقت لک ربئي وڃي ها. تجوڙي جي اندر بي رُڪ جي تجوڙي هئي، جا منهنجي منهن تي ڪوليائون.

* اصل سٽ آهي: 'اجا ڪي آهين، ڪلجگ ۾ ڪاپڙيا (ت.ج)

اُن ۾ زار جي زماني جا لک لک روبل جا ڪيئي روسي نوٽ پيا ها. مون ٿهڪ ڏئي روسي نوٽ هٿ ۾ ڪڍي هوا ۾ اُڏايا. ماڻهو ڇا لاءِ مرندا ها، هي تہ ڪاغذ جا ٽڪرا هئا، جن تي هر ٿيءَ لاءِ مت جا موڙ هل سنڌورڪي دور ديس تي ويندا ها ۽ هنن جون زالون يوپيءَ جي پئين (يوپي جي نوڪر کي شڪارپور ۾ پئيئو سڏيندا ها) سان راتيون گذارينديون هيون ۽ جڏهن سنڌ ورڪي ڏيساور تان موٽندا ها تڏهن گهر ۾ ڪارا ٻار ڏسي حيران ٿي ويندا ها ۽ ڏک ڏڪڻ لاءِ ٻين نارين کي گود ۾ ڏيندا ها ۽ انهن جو خرچ بہ ڀريندا ها.)

هڪ ڀيري هڪ سنڌورڪي ۽ هن جي نوڪر ۾ تلخ ڪلامي ٿي تہ پئيئي چيو تہ، ”تنهنجي ڏيساور وقت، تنهنجي جوءِ ڪٿ جي اڇي پائي سان سمهي ها تہ اڇا ٻار ڄمنس ها، مون سان سُتي تہ ڪارا نہ ڄمندس تہ ڇا اڇا ڄمندس؟ تنهنجي باغ جو مسلمان باغائي پورو پورو برفيءَ جهڙو هو. اُنهيءَ تي بہ تنهنجي جوءِ جي اک هوندي هئي. هو گوڏ ٻڌي، ڪجيءَ ۾ چمند وجهي، اُن تي مٽي چڙهندو هو، تڏهن هن جا اُگهاڙا انگ ڏيڪاربا ها. تنهنجي جوءِ اُهي ڏسي ڳاڙهي شنگرف جهڙي ٿي ويندي هئي ۽ مون کي ڇڪي چوندي هئي تہ ”ڪلوا! آءُ! ڇٽ منهنجو ڌرم ڀرشٽ ڪندو! پوءِ هوءَ مون کي زوريءَ پاڻ ڏي ڇڪيندي هئي. تون ئي چئو تہ مان هن سان سنيوڳ ڪيئن نہ ڪريان ها!“

هاڻي وري غمِ دوران ڏانهن، جتي اُن کي ڇڏيو هيو. دنيا ۾ مسلسل ترقي پسند ٽيڪنالاجي ٿي رهي آهي، جنهن دنيا ۾ انقلاب آندو آهي. فطري طور اها سائنس جي ڪاميابي آهي. ان جون ٿي. وي ۾ڪاميابيون، مواصلات، نقل مڪاني يا بار برادري (Transport) ۾ ٿيون آهن، جن زمان ۽ مڪان جي سرحدن کي مٽائي ڇڏيو آهي. 1914ع جي سن کان تہ هاڻي روزانہ اطلاعات ۽ تفريح جو وڏيڪ انتظام آهي. اُن وقت تہ شهنشاهن کي بہ اها سهوليت ميسر نہ هئي، جا هاڻ گهر گهر کي آهي. فقط هڪ بٽڻ دٻائڻ سان ماڻهو سمنڊ پار ڳالهائي سگهن ٿا ۽ عملي طور شهر کي ٻهراڙيءَ تي ثقافتي فوقيت نہ رهي آهي. ٽيلي گرام، ٽيليفون ۽ ٽي. وي بزرگن جي اڳ ڪٿائن کان بهتر آهن. سنڌ تہ اڃا ساموئن ۽ گرهوڙيءَ جي بيتن ۾ رهي ٿي. اڄ ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي هڪ بٽڻ دٻائڻ سان، سمنڊ پار ڪنڌن ۾ گفتگو ڪرائي سگهجي ٿي. پوءِ بہ ٽيڪنالاجيءَ جي ايتري ترقيءَ جي باوجود، ماڻهوءَ ۾ ايتري بي چئني ۽

بيقراري ڇو آهي؟ انسان کي پنهنجي مستقبل ۾ اعتبار ڇو نہ آهي؟ لينن گراڊ ۽ يورپ جي ٻين شهرن ۾ مون ڏٺو تہ ڪيئن ماڻهو نشي ۽ ناچ ۾ اها آنڊمانڊ ۽ اُڻ تڻ وساري رهيا آهن. شايد هيءَ بي مثال خوني صدي آهي، جنهن ۾ بار بار خونريزي ۽ جنگيون ٿيون آهن ۽ ان بي مثال آفتون ۽ تباهي آندي آهي. هيءَ صدي قحط ۽ آدم ڪُشيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. اُڻويهين صديءَ مسلسل مادي، ذهني ۽ اخلاقي ترقي ڪئي هئي ۽ زندگيءَ جي حالت ۾ وڏو ڦيرو آيو هو. 1914ع کان پوءِ اُن ۾ ڪافي زوال پذيري اچي وئي آهي ۽ وچولو طبقو جو اوچو اُڏري رهيو هو اهو ڦان تي هيٺ ڪريو آهي. ويهينءَ صديءَ ۾ اُهي پيمانا پڇي پور تي ويا آهن، جن ۾ ترقي يافتہ ملڪ پنهنجا آدرش ماپيندا ها ۽ پنتي پيل مُلڪن تي نظر عنايت ڪري موڪليندا ها.

جرمن ناول نويس فرانز ڪافڪا چيو هيو:

In the days the world was falling, the hour the earth's foundations fled.

(اُنهن ڏينهن ۾ دنيا زمين دوز ٿي رهي هئي، ۽ اُن وقت جڏهن ڌرتيءَ جا بنياد لُڏي ويا)

پنهنجيءَ جوانيءَ ۾ جرمن اديب رينيار ماريا رلڪي پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو تہ "انسان ذات سمجهہ کان بعيد آهي ۽ اُن جي بُري حالت ڇٽي آهي." ڪن اديبن ان دؤر ۾ پاڻ کي فقط خاطو ۽ حالتن جو مصور سمجهيو هو. جن ۾ ارنيسٽ هيمنگ وي ۽ ٿيو ڊور ڊريزر (Theodore Dreiser) کي پڙهيو آهي، اُنهن هنن جي ڪتابن ۾ 1914ع جي دؤر جي ابتر حالت جي عڪاسي پڙهي هوندي ۽ روسي دانشور جي حقيقت پسند هوندا ها. سي پاپ (Pop) ثقافت تي طنز ڪندا ها. انقلاب کان اڳ جا ڪنن ڊايل (Conon Dyle) جي ڪردار شرلاڪ هومز جي باري ۾ لکيل ڪهاڻيون ۽ آگاٿا ڪرسٽيءَ جا لکيل ناول ڪين ڪلڻ هاب لڳندا ها.

هن صديءَ جي شروعات کان پوءِ انسان بي انتها ظلم وستم، تشدد ۽ ناقابلِ برداشت حالتن ۾ رهڻ سکيو آهي، زندگيءَ جي آويءَ ۾ جرڪيو آهي ۽ پختو ٿيو آهي. اڄ ڪلهہ لاطيني آمريڪا ۾ جا بربريت ٿي رهي آهي، اها پڙهي اسان دنگ رهجي ٿا وڃون ۽ ڏندين آڱريون ٿا وجهون. اُڻويهين صديءَ وارا انسان اهڙي بربريت جي باري ۾ سوچي بہ نہ سگهن ٿا. ڪميونسٽ

مفڪر اينگلز بہ هراسجي ويو هو جڏهن ويسٽ منسٽر هال ۾ آئرش ريپبلڪن آرميءَ جو رکيل بم ڦاٽو هو ڇو تہ هڪ پراڻي فوجيءَ جي حيثيت ۾ هن جو ان ڳالهہ ۾ اعتبار هو تہ جنگ غنيم سان ڪئي ويندي آهي ۽ صلح سانت وارن ماڻهن سان نہ ڪبي آهي. اسان ڪان هن صديءَ جو اهو باب بہ وسري ويو آهي تہ زار شاهيءَ واري روس ۾ يهودي ڪُش مهمون (Pograms) ايترو تہ زور وٺي ويون هيون، جو ساري مهذب دنيا کي ڪاوڙ لڳي هئي. روسي يهودين کي 1881ع ڪان 1914ع تائين ائٽلانٽڪ ۾ ڌڪيو ويو. اُنهن ۾ بہ ملين ماڻهو ماريا ويا، پر هن صديءَ ۾ جيڪي يهودي ماريا ويا، اهي اٺويهين صديءَ جي پيٽ ۾ تمام گهٽا هيا. اسان ڪان اهو بہ وسري ويو آهي تہ 19 صديءَ ۾ هڪ بين الاقوامي گڏجاڻيءَ ۾ اهو معاهدو ٿيو هو تہ ڪا بہ جنگ اوچتو نہ ڪئي ويندي ۽ اڳواٽ ان جو اطلاع ڏنو ويندو. جڏهن ڏرين ۾ ڳالهيون ڪامياب نہ ٿيون، تڏهن جنگ ٿيندي. اڄ ۾ ڪهڙي جنگ هئي، جا اهڙي اطلاع ڪان سواءِ نہ ٿي هئي؟ ويهينءَ صديءَ ۾ ان جي برعڪس اوچتو ۽ بنا اطلاع جي جنگيون ڪيون ويون، جن ۾ فوج ڪان وڌيڪ شهري آبادي ماري وئي آهي، ۽ جن اقتصاديات جي بُڻ بنياد کي ڊانواڊول ڪري ڇڏيو آهي. سرمايہ داري نظام ۾ هر فرد کي اهو حق تہ آهي تہ پنهنجي زندگي پنهنجي خواهشات مطابق گذاري، پوءِ پل تہ اُها پنهنجي منافعي لاءِ يا عيش عشرت لاءِ گذاري. انقلاب جي دؤر ڪان پوءِ نظرياتي آدرش رکڻ وارن اڳئين نظام جي درهمي برهميءَ جي پيشن گوئي ڪئي ۽ اُن جي ترقيءَ جي ضمانت ڏني. ڪميونسٽ مئني فيسٽو ان ڳالهہ جو گواهہ آهي تہ اُن فيوڊل دؤر تي لعنت وڌي هئي، جنهن انساني اقدار ۽ تعلقات ڊانواڊول ڪري ڇڏيا ها. صنعتي اقتصاديات جا سخت انفرادي هئي ۽ ڪم ۽ لاڀ تي ٻڌل هئي، اُن پراٽيسٽنٽ اخلاق کي رد ڪيو هو ۽ ان جي جاءِ تي سخت پورهئي جي اخلاقيات رائج ڪئي هئي. سرمايداري هڪ مسلسل انقلابي قوت هئي، جا ڳالهہ يو ايس ايس آر جي خاتمي ڪان پوءِ محسوس ڪئي وئي آهي، اُن ۾ خاندان ڏانهن فرض ۽ اعتبار کي ناس ڪيو ويو آهي. خلوص، امانت، ديانتداري، دوستي، وفاداري، غيرت، عزت نفس ۽ ٻيا اقدار (Values) ڪميونزم جي وڏي مفڪر ڪراسٽافر ڪاڊويل چواڻيءَ، "هڪ فيوڊل دؤر جا اقدار آهن ۽ هڪ ڪميونسٽ معاشري ۾ بي معنيٰ ٿي چڪا آهن." مون

کي سوچي ڪنهن انقلابي عورت جي آتم ڪهاڻي ڏني هئي، جڏهن اڳئين روسي فوج پون وچ سمنڊ ٽپي ٽي وئي، تڏهن ڊوئنگ رچائي، هڪ بالشيوڪ نازنين هڪ پاڳوڙي فوجيءَ سان محبت ڪئي هئي ۽ هُن کي شاديءَ تي آماده ڪيو هيائين. شاديءَ کان پوءِ هن کي ٻہ ٻار بہ ڄاوا ها. ان وقت هوءَ مڙس جي گهر ۾ هُن جي دفتر مان مفرور روسي فوج جا اهم دستاويز بالشيوڪ رهنمائن کي پهچائيندي هئي. جڏهن هُن اهو ڪم پورو ڪيو تڏهن پنهنجي مڙس کي پنيءَ ۾ گولي هڻي، انقلابي روس ۾ پٺ تي موٽي وئي. شادي، ٻار ٻچا، خاندان محبت، رفاقت ۽ اعتبار سڀ هن انقلاب تي واري ڇڏيو. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ سرمايداري نظام کان پوءِ سڀ انساني اقدار تهس نهس ٿي ويا آهن. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪميونزم جا وجود ۾ ٺي ان لاءِ آئي هئي تہ سرمائيداريءَ کي جڙ کان اکيڙي ڦٽي ڪري، اُن کي سرمائيداريءَ جنگ ۽ امن، ٻنهي ۾ بچائي ورتو.

اهو هاڻي ظاهر ٿيو آهي تہ ڌرتيءَ جي نقشي تي پراڻا خاڪا، جي انسان ذات جي رهنمائي ڪندا ها، انفراديءَ توڙي اجتماعي زندگي جا پورا عڪاس نہ آهن ۽ اُهو سمنڊ نہ ٿا ڏيکاري سگهن، جنهن ۾ انسان ذات کي خبر نہ آهي تہ هوءَ ڪيڏانهن سفر ڪري رهي آهي! جنهن جهاز تي دنيا سفر ڪري رهي آهي، ڇا اُن جا سڙهہ سٺ جهليندا ۽ لاچو بند ٽٽي پوندا؟ انسان رستي تي پٽتي ڏسي سگهي ٿو جنهن اسان کي هتي پهچايو آهي. ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي تہ مستقبل جي ڪهڙي صورت ٿيندي! اميد تہ ڪرڻ گهرجي تہ اڪيهين صدي بهتر ٿيندي ۽ دنيا انصاف پسند ۽ قابلِ قبول ٿيندي، پر ڪيترائي مسئلا آهن، جي ٻيءَ جنگ عظيم وقت برِصغير جي ماضيءَ ۽ حال ۾ مون پاڻ ڏٺا آهن ۽ انهن جو چشم ديد گواهہ آهيان، جي اڄا تجزئي طلب آهن.

برطانيا جي وزير خارجا وائيٽ هال جون بتيون ڏسي چيو هو تہ، ”ساري يورپ ۾ بتيون وسامي رهيون آهن۽ اسان اُنهن کي وري زندگيءَ ۾ ٻرندو نہ ڏسنداسين.“ انسان ذات پوءِ بہ بچي وئي. پر اٺويهين صديءَ جي اڏاوت ڍير ٿي پئي. اُن وقت بہ ماڻهن کي عالمي جنگ جو خيال ستائي رهيو هو توڙي بندوقون ۽ بم بند ٿي ويا ها، پر انهن جي تحت الشعور ۾ 31 سالن واري عالمي جنگ هئي. ان جنگ ۾ برطانيا، فرانس، روس، آسٽريا، هنگري ۽

پرشيا شريڪ هيا. ٻيون ڏکيون جنگيون بين الاقوامي نوعيت جون نہ هيون، جيئن يو ايس ايس آر جي خانہ جنگي، جا 1861ع کان 1865ع تائين هلي هئي يا روس ۽ برطانيا ۽ فرانس ۾ ڪريمين وار جا 1854ع کان 1856ع تائين هلي هئي، جنهن تي ننڍي هوندي، مون هڪ ناول پڙهيو هو جو ڪافي دلچسپ هو. 1904ع کان 1905ع تائين جپان روس سان جنگ ڪئي، جنهن ۾ روس جي شرمناڪ شڪست ٿي ۽ ان آڪٽوبر انقلاب لاءِ فضا هموار ڪئي ۽ اُن ۾ تيزي آندي، پر اجا عالمي جنگيون ڪونہ ٿيون هيون. 1914ع ۽ 1915ع جي وچ ۾ برطانيا ۽ فرانس ۾ ڪجهہ جنگيون پنهنجن ملڪن کان ٻاهر ٿيون هيون. مثلاً ڪئناڊا، اُتر آمريڪا ۽ هندستان ۾. ٻہ سال آمريڪا جي ميڪسيڪو سان جنگ هلي، پر 1914ع واريءَ جنگ جي نوعيت ئي ٻي هئي. انهيءَ جنگ تي مون جرمن ناول نويس ايرڪ... ريمارڪ جو دلچسپ ناول پڙهيو هو. سولزي نستن جو ناول "1914" انهيءَ جنگ جي باري ۾ هڪ طويل دستاويز آهي، جيئن نئپولين سان جنگ جي باري ۾ تالستاءِ "جنگ ۽ امن" (War and Peace) ناول لکيو هو. ڪجهہ جنگيون فرانس، آسٽريليا ۽ نيوزي لئنڊ ۾ ڪيون ويون ۽ ايجين (Aageon) سمنڊ ۾ گئلي پولي تہ هڪ ڌند ڪتا ٿي وئي آهي. يو ايس واشنگٽن جي انهيءَ ڳالهہ کي رد ڪري ڇڏيو تہ يورپ ۾ آمريڪا جو دخل خطرناڪ نتيجا پيدا ڪندو. اتي آمريڪي فوج موڪلي وئي ۽ ان طرح اُن ٻي جنگ عظيم جي ڌارا جو رُخ طئي ڪيو. هندستانين کي بہ يورپ ۽ وچ اوڀر ۾ موڪليو ويو جتي گورکن، سکن ۽ پنجابي مسلمانن پنهنجو پاڻ ملهايو. ٻي جنگِ عظيم بلڪل پوريءَ دنيا جي جنگ هئي، جنهن منهنجي شاعريءَ کي ڪافي متاثر ڪيو ۽ جنگ جي خاتمي تي برِصغير جي ورهاڱي بہ منهنجيءَ شاعري کي ساڳيءَ ريت متاثر ڪيو ۽ ڪيترو ئي وقت اُن جو موضوع رهيو. مون هڪ مشهور گيت لکيو هو جو پروفيسر رام پنجواڻي متڪي تي ڳائيندو هو ۽ جو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي سنڌي سرڪل جي ڪتاب "لهرون" ۾ ڇپيو هو:

"او باغي او راج دورهي
ڀارت ۾ بلوي جا باني!"

ڇو تہ حشوءَ جو اٽل رايو هو تہ ڪوبہ آرٽسٽ ان جنگ کان الڳ ٿلڳ

رهي نہ ٿو سگهي. هن مون کي ڪتاب "آمريت ۽ سياسي پوليس" (Dictatorship and Political Police) ڏنو هو جنهن جي پهرئين صفحي تي هٽلر ۽ هن جي ڪلچر منسٽر هرمن گوئرنگ جا هيٺيان بہ قول ڏنل ها:

"Let us beat the refractory skulls with resounding blows." (Hitler)

"اچو تہ اسان سرڪش دماغن کي اهڙو تہ ڪُٽيون جو اُن جا پڙاڏا پڌرڻ ۾ اچن." (هٽلر)

"When I hear the name of art my hand goes to the pistol." (Herman Goering)

جڏهن مان آرٽ جو نالو ٻڌان ٿو منهنجو هٿ پستول ڏانهن وڃي ٿو. (هرمن گوئرنگ)

پر ان کان اڳ جڏهن مان شڪارپور ۾ هوندو هوس تہ ڪجهہ دوست جماٽي هال ۾ اخبارون پڙهڻ لاءِ ڪنا ٽيندا هياسين. اُن وقت جنرل روميل مصر مان وچ اوير ۽ برٽش راڄ تي ڪاروائي ڪئي هئي. 22 جون 1941ع تي هٽلر يو ايس ايس آر تي حملو ڪيو جنهن جي خبر اسان ٻئي ڏينهن تي پڙهي. پروفيسر ناگراٽي، پروفيسر هاشمي ۽ رام جيٺملاڻيءَ جو چاچو ۽ ڪجهہ ٻيا سي ايس ايس ڪاليج شڪارپور مان شام جو پنڌ موٽي رهيا هياسين تہ پروفيسر جيٺملاڻيءَ روس تي هٽلر جي ڪاهہ جو ذڪر ڪيو هو تہ، "هٽلر سوشلزم کي تباهہ ڪرڻ ٿو چاهي." ان سلسلي ۾ وڌيڪ چيائين تہ "لينن جنهن سوشلسٽ انقلاب آندو هو دنيا جو عظيم ترين انسان هو." ايتري ۾ مون ڏٺو تہ وٽ وٺان تي وئي. پروفيسر هاشمي پروفيسر جيٺملاڻيءَ کي ٿاءِ کان چڪي گهوگهو ڏئي رهيو هو ۽ هن جي قميص هٿ سان ڇهڪ ڏئي ڦاڙي وڌي هيائين. سڀ اهو سوچي وائڙا ٿي ويا تہ ڇا ٿيو؟ پروفيسر هاشميءَ جو ڪارو رنگ ڪٽ ناريءَ وانگر ٿي ويو هو ۽ هن جي اکين ۾ ڪاندا ٽاندا پئي ٻريا. جڏهن ٻيا وچ ۾ پيا تڏهن پروفيسر هاشميءَ چيو تہ "دنيا جو عظيم ترين انسان لينن نہ، پر محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم هو جي، تو وري اها ڳالهہ چئي تہ توکي پنهنجي هٿن سان گهٽو ڏئي مارينديس." پروفيسر هاشمي علي ڳڙهہ ۾ تعليم ورتي هئي ۽ جيٺملاڻيءَ سنڌ ۾. پروفيسر جيٺملاڻيءَ چيو تہ "مون کي پنهنجي ڳالهہ تي نهايت

افسوس آهي.“ تڏهن اُهو جهيڙو ٽري ويو.* لکيدر تان ڄينملاٽي پنهنجي ليڙ ليڙ ڪالر کي هٿن سان ڍڪي هلي رهيو هو. پروفيسر هاشميءَ جو منهن بيٺ روٽ جهڙو ٿي ويو هو. هن اهو نہ سوچيو هو تہ هٽلر ٻنهي سرحدن تي ڪيئن وڙهي سگهندو! اسٽالن جي حملي جي ڳالهہ ٻڌي اعتبار نہ ٿي آيو پر هٽلر لاءِ اوپر واري سلطنت تي فتح, اُن جي اڪٽ دولت ۽ وسيلا هئا ۽ جا غلامانا پورهئي جو ذريعو هئي, سندس مهم جو هڪ منطقي نتيجو هئي. پر اها حقيقت آهي تہ جپانين ڪان سواءِ ڪنهن يو ايس ايس آر جي مزاحمت جو صحيح اندازو نہ لڳايو هو. ان لاءِ ڪارڻ بہ هئا. 1930ع واري صفائيءَ ڪان پوءِ سُرخ فوج ۾ افراتفري اچي وئي هئي. روس ۾ پڻ ڊر پيدا ٿي ويو هو اُن جو ڪارڻ خود اسٽالن جي فوجي اسٽراٽيجيءَ سبب فوج ۾ اجائي مداخلت هئي. جرمن فوج پيش قدمي ايتري تيز ڪئي هئي, اُها فيصلہ ڪن ٿي لڳي. آڪٽوبر جي اول ڏاري جرمن ماسڪو جي ٻاهران پهچي چڪا ها ۽ ڪتابن ۾ آهي تہ خود اسٽالن بي همت ٿي پيو هو ۽ صلح جي باري ۾ ٿي سوچيائين, پر هٽلر جي اها ڪيفيت ٿورو وقت رهي. نيٺ روس جي بي ڪران وسعت, انساني برداشت جي قوت, چيڙهالا, بي پوا سورما, هڪ آروڪ اُدم ۽ لڳاتار جدوجهد سان جرمن فوج جي هار جو ڪارڻ ٿيا, ۽ يو ايس ايس آرکي وقت ملي ويو تہ فوج کي ترتيب ڏئي ۽ اُن کي ڪڙو تڙو ڪري سگهي. اسٽالن پنهنجي ادراڪ ۽ ذهن وارن ملٽريءَ جي سرڪردن کي بہ نہ ڇڏيو تہ جيڪي جنگ لاءِ بهتر سوچن, اُهو ڪن. اسٽالن جي ڏمر سبب ڪي ماريا ويا ۽ ڪي گولگ ۾ رکيا ويا ۽ ويجهڙائي ۾ نڪتا آهن. 1943ع واري عرصي ۾ جڏهن اسٽالن پنهنجيءَ ڳري پيٽاتي روڪ رکي, تڏهن هٽلر لباڙ هنئي هئي تہ روس سان جنگ ٽن مهينن ۾ کٽي ويندي. جنهن وقت اها ڳالهہ نہ ٿي سگهي, تنهن وقت جڻ جرمني وِسي ۽ وائڙي ٿي وئي, جڻ تہ هارائيو هيائين, ڇو تہ اُن وڏيڪ جنگ لاءِ سانباهو نہ ڪيو هو. جرمني ڪنهن ڊگهي جنگ جي اهل نہ هئي, پنهنجي سوچ جي باوجود, جرمني ايترا هوائي جهاز ۽ ٽئنڪون نہ ناهي سگهي هئي, جيترا برطانيا ناهيا هيا. 1942ع جي موتمار سياري ڪان پوءِ جرمنيءَ جي نئين اڳرائي ايتري سوياٽي نہ ٿي. اتحادي

* هتي بہ واقعاتي ورجاءُ اچي ويو آهي, پر ڳالهہ مان ڳالهہ انداز ۾ لکيل آتم ڪهاڻيءَ ۾ اهو فطري آهي. (ت.ج)

فوجن اهڙيون ڪاروايون ڪيون، جن جرمن فوج کي ڪوه قاف ۽ وولگا جي واديءَ ۾ ڏڪي ڇڏيو. نيٺ جرمن فوج هار مڃي ۽ 1942ع کان مارچ 1943ع تائين اسٽالن گراڊ ۾ هنن کان زوريءَ هار مڃائي وئي.

لطف الله بدوي، علامہ اقبال کان متاثر اسلام پسند هو ۽ تنهن اسٽالن گراڊ تي هڪ ڏگهو نظم لکيو هو جو ”سنڌو“ ماهوار ۾ ڇپيو هو. اُهو ڏسي ڪامريڊن ۾ بدويءَ سان ملڻ لاءِ آنڌمانڌ پيدا ٿي، پر جڏهن هن سان مليا، تڏهن هن جي شاعريءَ کي ڏڙريڊو سر ٻاڪرو پانيائون.

مون هٽلر جي هڪ پينٽنگ ڏٺي هئي، جنهن ۾ هو ڏرتيءَ جو گولو هڪ ڪُلهي تي کڻي بيٺو هو ۽ هن جو ٻيو ڪلهو تارازيءَ جي پاري پُڙ وانگر جُهڪي آيوهو ۽ هو هڪ عام ڪُولهيءَ وانگر ٿي لڳو. هسپانوي مصور سئلوپدار ڊاليءَ هٽلر جي پُٺ (سنڌي لفظ نہ ٿو لکان، ڇو تہ اُن کي اسان سنڌيءَ ۾ استعمال ڪري نہ ٿا سگهون) جي مصوري ڪئي هئي. بريچز ۾ هن جي پُٺ ڦٽل هنداڻي وانگر ٿي لڳي. ڇا نہ انت هو انهيءَ انسان جو جنهن ڏرتيءَ جي گولي کي لت هڻي، هڪ هنداڻي وانگر ڦيهڻ ٿي چاهيو!

هڪ بين الاقوامي عذاب کان نجات ملي تہ قومي گٽر کلي پيو هو. اُن رات مون ڪراچيءَ جا رستا ڇِڪاريا ها ۽ ايتري هواڙ اچي رهي هئي، ڄڻ ڪنهن عذاب ۾ وچڙي ويا هياسين. اُها ڳالهہ چوٿين حصي ۾ ڪندس. هاڻي مان ٿڪجي پيو آهيان ۽ ننڊ مون کي پنهنجي آغوش ۾ ڇڪي وئي ٿي. خواب ۾ مان ڏسان ٿو تہ، ”برف ۾ ميخون کوڙي، مان اُنهن جي ذريعي ايوريسٽ تي چڙهان پيو. پهاڙ تي مٿي رسي ڪنهن ڇپ ۾ ڦاٿل آهي، جنهن کي ڇڪي مان مٿي چڙهان پيو. اوچتو منهنجو پير ميخ تان ترڪي وڃي ٿو. هيٺ ڏسان ٿو تہ منوُ ٻي ميخ کوڙي رهي آهي. مان اُن تي پير رکي قدم مٿي ٿو چڙهان. هوءَ بہ منهنجي پُٺ تان چڙهي رهي آهي. جيئن مان مٿي ٿو چڙهان، تيئن ايوريسٽ جي چوٽي وڃي ٿي مٿي ٿيندي. منوُ رڙ ڪري چوي ٿي تہ ”دل نہ لاهہ. اسان پڄي ويندا سين.“ برف جو طوفان لڳي رهيو آهي، پر اسان جا منهن ڍڪيل آهن. پير مٿي چڙهندا وڃن ٿا ۽ چوٽي وڃي ٿي مٿي ٿيندي!“ اوچتو مان خواب مان جاڳان ٿو ۽ سوچيان ٿو تہ ”ڇا منوُ ڪائي برِصغير کان بہ وڏي علامت آهي!“ ڪهڙو نہ پيارو خواب هو! ڇا مان ان ۾ وري موٽي سگهان ٿو!

# 4

# ڪٿي نه پڄيو ٽڪ مسافر



# پيش لفظ

شيخ اياز جي آتم ڪهاڻيءَ جا ٽي جلد سنڌس حياتيءَ ۾ ڇپجي ويا هئا. هي چوٿون جلد رهيل هو. جيڪو هاڻي سنڌي ادبي بورڊ ۽ شيخ اياز فائونڊيشن گڏجي شايع ڪري رهيا آهن.

اياز جي وفات کان پوءِ، ستت، سنڌس ياد ۾، جيڪي اهم جلسا ٿيا، تن ۾ هڪ سيد شاهہ محمد شاهہ، سنڌ سرڪار جي تڏهوڪي مشير ۽ سنڌس ٻن ساٿين مدد علي سنڌيءَ ۽ قمر راڄپر جي ڪوشش سان ڀٽ شاهہ ۾ ٿيو. جلسي ۾ سنڌ جا برک اديب ۽ شاعر وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. مکيہ مهمانن ۾، گورنر سنڌ ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) معين الحيدر، تڏهوڪو چيف منسٽرسنڌ، لياقت علي خان جتوئي ۽ سيد مشاهد حسين، وفاقي وزير اطلاعات شامل هئا. انهيءَ موقعي تي، چيف منسٽر سنڌ، پاڻ فائونڊيشن کي ڏهہ لک روپيا گرانٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو تہ شيخ اياز جي تربت جي تعمير جو ڪم بہ سنڌ سرڪار ڪرائي ڏيندي. فائونڊيشن طرفان وري وري يادگيري ڏيارڻ، خط ۽ تارون موڪلڻ کان پوءِ بہ، اُهي ٻئي وعدا اجا وفا نہ ٿيا آهن. اميد آهي تہ سنڌ سرڪار مهرباني ڪري، هاڻي ان ڪم جو جلد اُڪلاءُ ڪندي. البت، سيد مشاهد حسين صاحب، پنهنجي اعلان موجب، هڪ لک روپين جي امداد فائونڊيشن کي بروقت موڪلي ڏني.

سنڌ جي گورنر بہ انهيءَ جلسي ۾ اعلان ڪيو هو تہ شيخ اياز جو هڪ ڪتاب گورنر هائوس طرفان شايع ڪيو ويندو.ان سلسلي ۾، مون ساڻن ملاقات ڪئي ۽ چيئرمين، محترم محمد ابراهيم جويي جي مشوري موجب اياز جي آتم ڪهاڻيءَ جو هيءُ چوٿون جلد، گورنر هائوس طرفان شايع

ڪرڻ جي تجويز ڏني. موصوف، اسان جو مشورو قبول ڪيو ۽ ڪتاب جي اشاعت لاءِ فائونڊيشن کي اڌ لک روپين جي رقم موڪلي ڏني. ان ريت، هي ڪتاب ڇپجي ويو. اسان انهيءَ امداد لاءِ گورنر سنڌ جا دل جي گهراين سان شڪر گذار آهيون.

اميد آهي تہ هي ڪتاب، سنڌي ادب ۾ خاطر خواه اضافو ثابت ٿيندو ۽ سنڌي پڙهندڙن جي خاص دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو ڇوتہ ان جي اشاعت سان هاڻي اياز جي آتم ڪهاڻي مڪمل صورت ۾ سندن مطالعي هيٺ ايندي.*

**غلام رباني آگرو**

حيدرآباد

14_ آگسٽ 1998ع

* وزيراعليٰ جا اعلان ڪيل اُهي ڏهہ لک روپيا، شيخ اياز فائونڊيشن کي نہ مليا، بعد ۾ سيڪريٽري ثقافت عبدالقادر منگيءَ ۽ مدد علي سنڌيءَ جي ڪوشش سان سنڌ حڪومت، اياز جي مزار ۽ ڪتابن (22 جلدن) جي اشاعت جي پي.سي.ون منظور ڪئي، ۽ خوش نصيبي موجوده وزير ثقافت محترمہ سسئي پليجو ۽ سيڪريٽري شمس جعفراڻيءَ جي آهي، جن جي ڪوشش سان، سندن دور ۾ ٻئي رٿائون تڪميل ۽ تعبير ڏسي رهيون آهن. (ت.ج)

# IV

زندگي ڪيئن نہ شهاب ثاقب وانگر تيزيءَ سان تاريڪيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿي! گذريل وقت جي باري ۾ شڪسپيئر ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

"O, call back yesterday, bid time to return!"

(او ڪالهہ کي پٺ تي موٽاءِ! وقت کي چئہ تہ موٽي اچي!)

تازو مون هَئري ڪالنس ۽ ڊامنيڪ لاپيئريءَ جا ڪتاب "مائونٽ بئٽن ۽ تقسيم هند" ۽ "مائونٽ بئٽن ۽ آزاد هند" ورتا. جن ۾ لارڊ مائونٽ بئٽن سان سندن طويل انٽرويو آهن. انهيءَ ساڳئي جوڙي "اڌ رات جو آزادي" ڪتاب بہ لکيو هو. جنهن ۾ هُنن جو پهريون جملو هو:"جواهر لال نهروءَ ٻارهين وڳي رات جو ريڊيو تي اعلان ڪيو: "هڪ نئون ڏينهن شروع ٿيو آهي ۽ هڪ دؤر ختم ٿيو. هڪ قوم جي روح کي، جنهن کي ڪافي وقت لاءِ دٻائي رکيو ويو هو پنهنجي اظهار جو موقعو مليو."

مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب، "مائونٽ بئٽن ۽ تقسيم هند" ۾ هڪ سوال جواب هيئنءَ ريت بہ آهي:

سوال:" سيني ڪان اهم واقعو جنهن تنهنجي تقدير جي نشاندهي ڪئي، شايد دربار هال ۾ وائيسراءِ هائوس ۾ اهو جشن هو جو 24۔ مارچ 1947ع تي ٿيو جڏهن توکي ۽ ايڊونا کي وائيسراءِ ۽ وائيسرين مقرر ڪيو ويو۔ اُن ڪنڊ جو جتي انسان ذات جو پنجون حصو رهندو هو. تون ان يادگار ڏينهن جا ڪجهہ واقعا ٻڌائي سگهندين؟"

جواب: هائو مون کي ان جو هر پل ياد آهي. ڇا نہ جشن هو! اُتي جو بہ موجود هو،اهميت وارو هو. سڀ شهزادا، سڀ رهنما، سڀ سفارتڪار۔ جشن ڏسي، اکين کي اعتبار نہ ٿي آيو. سؤ سؤ ماڻهن جا ٿي جٿا، Guards of honour طور، ٻاهر آندا ويا. اهڙا جٿا هزارن هنڌن تي هندستان ۾ ڪيا ويا. گهوڙي سوار، شاهي توب خانو ۽ ٻيو توب خانو جنهن سان بينڊ باجا

ساڻ هئا. ساري رستي تي خاصہ بردارمحافظن جي قطار هال جي توڙ تائين محافظ نفريءَ وارا، ۽ توتارن جا وڏا واڄٽا جشن سان اندر آياسين. اُنهيءَ وڏي جلوس جي آخر ۾ اسين هئاسين.

مون هر شيءِ پاتي، پنهنجي اڇي ۽ پوري لباس جيتري وردي، نشان عزت، تمغا ۽ ٻي هر شيءِ موجود هئي. هڪ رات اڳ، مون کي ويولِ، وائيسراءِ جي ورثي وارا هيرا ڏنا، جي مون ڳچيءَ ۾ پاتا. واقعي واري ڏينهن، مون هڪ اعليٰ فوجي تمغو بہ پاتو. تنهن کان پوءِ مون "ستاره هند" پاتو ۽ ان کان پوءِ وڪٽوريا جو نشانِ عزت پاتو. اهي چار شيون هيون، جي مون کي اُن ڏينهن پاتڻيون هيون. ۽ مون ٻيا نشانَ عزت جا پاتا. عهدي ۾ مان ريئر آئڊ مِرَل (امير البحر) هوس.

منهنجي زال "شام جو لباس " پاتو جنهن ۾ ڇَٽُ بہ هو ۽ ٻيا عزت جا نشان بہ لڳل هئا. ايڊونا ايتري دلڪش هئي، جو هر ڪنهن جا پير ڪڍي وڌائين. هن ڇاتو تي تہ لباس ڪيئن پائجي. ان وقت هن وٽ ڪمانڊر خاتون (Dame Commander)جو نشان هو۔ جنهن ۾ سينٽ جان جي نشان عزت تي عظيم الشان صليب اُڪريل هئي. اُن کان علاوه هُن کي هند جو تاج هو! اها ڳالهہ عورتن لاءِ هر ڳالهہ کان مٿي آهي، ۽ هن کي وڪٽوريا جو نشانِ عزت وارو ستارو بہ هو. هوءَ ان وقت پنجيتاليهن ورهين جي هئي ۽ مان ڇائيتاليهن ورهين جو هوس. هن کي بهترين شبيهہ هئي ۽ هوءَ نهايت دلڪش تي لڳي. درحقيقت هر ڪنهن کي انهيءَ طرح زره بڪتر (Panoply) سان ڍڪجي ويٺو هويا نہ اُهو خدا ئي ڄاڻي. ويهہ ماڻهو منهنجي اسٽاف جا بہ پوريءَ ڊريس ۾ هئا! سو اهو هڪ اَملهہ پل هو بلڪ ساري ڳالهہ بي مثل هئي."

مون اِنهيءَ سڄي ٺَٽَ جو ٿَٽُ اُن وقت انگريزي اخبارن ۾ پڙهيو هو. پوري هندستان ۾ هڪ بہ سياسي ليڊر ڪونہ هو جو انگريزن جي غلاميءَ مان آزاديءَ کان پوءِ اهڙي ڪنهن "اعزاز" جو اهل هجي ها! اُهي اعزاز ۽ اُنهن جو اُهو ڏيکاءُ ڪيڏيءَ نہ ذلت جا نشانَ هئا!

الوداع هندستان! ائين ٿو لڳي تہ تنهنجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد هڪ حماقت هئي. جي ڀڳت سنگهہ، چندر شيکر "آزاد" ۽ ٻين محبِ وطن سرويچن کي اهو معلوم هجي ها تہ آزاديءَ جي تياريءَ جو جشن ائين بہ

ملهائبو، تہ هو اهڙا ڪم نہ ڪن ها، جو هو ڦاهي چڙهن ها! نہ اُنهن ديس دروهين جا هڏا، جي جلا وطن ڪيا ويا هئا، اندمان ۾ نڪوبار ۾ سج جي تپش ۾ سڙي ۽ برسات جي وسڪاري ۾ پڇي پور ٿين ها. نہ ئي مان اهڙي قومي شاعري ڪريان ها، جو چوويهہ ڪلاڪ سي. آءِ. ڊيءَ جي اک ۾ رهان ها! هوڏانهن ماٺهو ٻوٽيون تي رهيا هئا، لُٽ مار ۽ عصمت دريون ٿي رهيون هيون، ۽ هيڏانهن هيءَ دربار ۽ ان ۾ هڪ انگريز جي تاج شاهيءَ جو اندبنبر سان جشن ٿي رهيو هو! الوداع نهرو ايمر اين. راءِ چواٽيءَ ائڪٽَر (يا ائڪروبئٽ)[1] الوداع!. ديس ڪي ايدونا جي عشق تي وارينڊڙ ٽالسٽاءِ جي ناول تارس بُلبا جا ڪردار! توئي سنڌي هندن ڪي پِتڪائي ماريو ۽ سنڌ پرديش لاءِ اُنهن ڪي پارت جي ڌرتيءَ جو ٽڪرو نہ ڏنو. الوداع! مان چوندو هوس تہ آرٽسٽ جي وابستگي سونهن ۽ سچ سان هئي. پر ڪلهوڪو سچ اجوڪو اَسچ آهي ۽ اجوڪو اَسچ سڀاڻي جو سچ آهي. ساڳيءَ طرح ڪلهوڪي بُرائي اجوڪي چڱائي آهي ۽ اجوڪي چڱائي، سڀاڻي جي بُرائي ٿي سگهي ٿي. آرٽ جي وابستگي فقط سونهن ۽ اُن جي تخليق سان آهي. مان پنهنجيءَ گوشہ نشينيءَ ۾ موٽي ٿو وڃان.

جڏهن مهاجر ڪراچيءَ ۾ سيلاب وانگر آيا ۽"اندرينءَ سنڌ" ۾ بہ پهتا، تڏهن مون اردو شاعريءَ جي حوالي سان اُنهن ۾ پنهنجا هم سخن ڳولي لڌا. منهنجا اڪثر معاصر سنڌي اديب لڏي ويا هئا. مون ڪي اردوزبان ۽ ثقافت سان اُنسيت ايتري هئي، جا ڪنهن مهاجر شاعر ۽ اديب ڪي بہ ورلي هئي. هڪ ڀيري مان پنهنجي غم غلط ڪرڻ لاءِ مرينا هوٽل جي بار ۾ ويٺو هوس. اتي منهنجي اشرف ۽ "ساحل" بلگراميءَ سان واقفيت ٿي. بار ۾ فقط هڪ ميز خالي هئي، جتي مان ويٺو هوس. هو ٻئي بہ ڪرسيون ڇڪي، ميز تي اچي ويٺا. ڳالهيون ڪندي، اسان ڪي هڪ ٻئي جي اُردو ادب ۾ گهري دلچسپيءَ جو پتو پيو. اشرف اسرارالحق "مجاز" جو دوست، ۽ "جوش" مليح آباديءَ ۽ "فراق" گورکپوريءَ جو واقف هو. پوءِ تہ سنڌن صحبت ۾ اردو شاعري مون تي مينهن وانگر آئي. اُن دؤر ۾ مون "بوءِ گل نالئہ دل" ۽ "ڪفِ گلفروش" ڪتابن ۾ شامل نظم لکيا، جي پڙهي اشرف کي يقين ٿي ويو تہ سنڌ ۾ واحد

---

[1] بازيگر Acrobat

شخص آهيان، جنهن کي اردو شعر تي ايتريقدر عبور آهي، جيترو ڪنهن بہ مهاجر شاعر کي آهي. هن جي اصرار تي پوءِ مان انجمن ترقي پسند مصنفين جو ميمبر ٿيس، ۽ اڳتي هلي مون کي اُن جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيائون. مون "حلقہء احباب ذوق" ۾ بہ ڪيئي اردو نظم پڙهيا، جي اتي پسند ڪيا ويا. "ڪف گلفروش" جو مسودو جو پوءِ مون ڪان هيٺ مٿي ٿي ويو هو سو هاڻي ان جو هڪ حصو موتي مون کي لڌو بہ آهي.

منهنجا هندو اديب دوست سرحد پار ڪري هليا ويا. مان اُنهن کي منهوڙي تي پاڻيءَ جي جهاز تي چڙهڻ بہ ويندو هوس، ۽ چولين مان اينڊڙ ڦهنگين سان منهنجين اکين جا ڳوڙها ملي، منهنجي تارن ۽ ٽُنرن کي لوٽيانو ڪري ڇڏيندا هئا.

جڏهن مون اشرف کي پنهنجي آزاد نظم جو هينيهن حصو "بوءِ گُل نالۂ دل" مان ٻڌايو تہ اشرف وٺجي ويو:

یہ دنیا یہ آماج گاہِ تمنا
کہاں جارہی ہے
یہ رقاصہ روز وشب، نوکِ خنجر پر یوں ناچتی جارہی ہے
کہ جیسے اُسے یہ یقیں ہو گیا ہے
کہ اب پاؤں چھلنی نہ ہوں گے
یہ انسان کہ صیادِ رازِ ازل ہے
یہ تیار کرتا ہے ہر روز ایسے انوکھے قفس کو
جسے توڑ دیتا ہے پھر پھڑ پھڑا کر
کوئی طائرِ نیم بسمل
نہ جانے مجھے کیوں یقیں ہو گیا ہے

(هيءَ دنيا هي تمنا جو آماج گاهہ -[1]
ڪيڏانهن وڃي رهي آهي؟
هيءَ ڏينهن رات جي نچڻي، خنجر جي
نوڪ تي، ائين نچندي وڃي رهي آهي،
جڻ اُن کي پڪ ٿي وئي آهي

[1] "آماج گاهہ" چوندا آهن انهيءَ نشان کي، جنهن تي تير چٽيو ويندو آهي.

تہ هن پيري هن جا پير چلجي نہ پوندا.
هي ماڻهو جو آدجڳاد ڪان ماري آهي،
اُهو هر روز اهڙي انوکي پڄري کي
تيار ڪري ٿو
جنهن کي ڪوئي اڏ۔ گهايل پکي پنهنجا
پر ڦڙڪائي، توڙي ٿو وجهي،
الاجي مون کي اها پڪ ڇو ٿي وئي آهي
تہ ماڻهو پاڻ بہ هڪ شڪارُ آهي
جو مري مٽي ٿي وڃي ٿو.)

شعر پڙهندي، ائين لڳو ٿي تہ ڪنهن گهري دُک ۾ غرقاب ٿي، مان اُپري آيو آهيان، ۽ مون جڏهن دنيا ڏانهن ٿي ڏٺو تڏهن جڻ منهنجين اکين ۾ ڳوڙهن جهڙو لوڙيانو پاڻي پريل هو.

اشرف مون کي چيو تہ توکي تشبيهہ ۽ استعاري تي بي پناهہ قدرت آهي ۽ تون پنهنجي همعصر اردو شاعرن کي ڪجهہ وقت ۾ پُٺ تي ڇڏي ويندين.

هن هڪ ٻئي آزاد نظم جي فرمايش ڪئي، تہ مون هن کي ٻڌايو:

*اُلجھنے لگیں مشعلیں آندھیوں سے*
*اُلجھنے لگیں مشعلیں آندھیوں سے*
*سلجھنے لگے کاکل شب رفیقو.........*

۽ رات جا ڳُنڊڙا ڪاڪل سلجهڻ لڳا.)

”وہ واهہ مڪرر“ اشرف چيو”تون تہ اردو بندش ۾ چڱي ڀلي شاعر ڪان اڳتي آهين.“ مون هُن کي مٿيون سٽون ٻيهر ٻڌائي وڌيڪ نظم ٻڌايو :

*مگر جب رفیقو!*
*سحر ہوگئی، زندگی سوگئی*
*عزم خیبر شکن آہنی جان و تن*
*پنجہ ٔخواب میں موم سے ہوگئے*
*رفیقو نئی مشعلیں ڈھونڈلاؤ.........!*

ڪٿي نہ پڄبو تڪ مسافر

پر جڏهن رفيقوا!
باک ڦُٽي تڏهن زندگيءَ کي ننڊ اچي وئي
پڪو ارادو ۽ لوهہ جهڙا لِڱ
خواب جي چنبي ۾ مُڙي ميڻ ٿي ويا
نہ رڳو زندگيءَ کي ننڊ وٺي وئي، پر اُن جا رکوالا
بہ سمهي پيا!
رفيقوا! ڪي نيون مشعلون ڳولي اچو!
ڇوتہ انڌيري رات اُپ تائين ڇانئجي وئي آهي.)

هن جي سوچ ۾ نظم جو پس منظر برصغير جي تقسيم هئي، پر منهنجي سوچ ۾ ايم. اين.راءِ جا اُهي مضمون هئا، جي هن اسٽالن خلاف پنهنجي هفتي وار "Independent India" (آزاد هند) ۾ڇپيا هئا، جي مون کي هر هفتي ڪامريڊ وياس ڏيندو هو. وياس جي عدم موجودگيءَ ۾ مان اُهي نظم هن جي زال سُشيلا کي پڙهائيندو هوس، جا مون کي ساڳئي صوفي تي ويهاري، مون کي چانهہ بہ پياريندي هئي ۽ منهنجي رانن تي هٿ بہ ڦيريندي هئي. ڪجهہ وقت پوءِ جڏهن مان رائسٽ فيڊريشن آف ليبر جي صدر خطيب ۽ فيڊريشن جي سيڪريٽريءَ ڪامريڊ ڏوي سان رام سواميءَ ۾ ساڳيءَ جاءِ ۾ رهندو هوس، تڏهن مون کي ڪامريڊ خطيب نشي ۾ ٻڌايو تہ ڪياماڙيءَ ۾ سِي مينس ڪلب (Seamen's Club)۾ هُن هڪ انگريز خلاصي نہ ڇڏيو هو ۽ هوءَ هڪ Mympho maniac هئي. خطيب ۽ دوي فيڊريشن جي ليگل ائڊوائيزر جي حيثيت ۾ منهنجو بورڊ پنهنجيءَ بہ ماڙ جاءِ جي ٻاهران هٽائي ڇڏيو هو ۽ محنت ڪشن جي اُجوري جي قانون (Workmen's Compensation Act) هيٺ ڪيس پاڻ ڪٽندا هئا. اُنهن لاءِ في بہ پاڻ وٺندا هئا. رڳو منهنجو نالو داخل ڪري ڇڏيندا هئا. ان جي عيوض مون کي مفت ۾ رهائش ۽ کاڌو ڏيندا هئا.

خطيب ۽ دوي جا نالاوچ ۾ ٽپي آيا. مون ڳالهہ ڪئي ٿي ڪامريڊ اشرف جي. ڪميونسٽ بورجوا ادب نہ پڙهندا هئا ۽ چوندا هئاتہ هر بورجوا شاعر ۽ اديب سامراج جو ايجنٽ آهي. فرينچ اديبن، سارتري ۽ ڪاموءَ سان تہ کين خاص نفرت هوندي هئي. چوندا هئا تہ انهن ٻنهي ترقي پسند ادب ۾ ڳهارا وجهي ڇڏيا هئا. سارتري تہ اشتراڪين جو همسفر بہ هو پر ڪاموءَ

اُنهن جا پُڙَ لاٿا هئا. ٽيون اديب، جنهن تي خاص ڪاوڙ هوندي هُئين، اُهو هو آٿر ڪوسلر، جنهن پنهنجو ناول ”مانجهاندي جي اُونده“ (Darkness at Noon) لکي، اسٽالن جا مخالف پالٽبيورو جي ميمبرن تي هلايل ڪوڙا مقدما وائکا ڪيا هئا. مون ڪاموءَ جا ناول”پليگ “ ۽ ”ٻاهريون ماڻهو“ (Outsider) تہ اڳيئي پڙهيا هئا، جي مون کي ڏاڍو وڻيا هئا. پوءِ صدر ۾ ڪنهن بُڪ اسٽال تان هن جو ڪتاب ”سِسي فس جي ڏند ڪٿا“ (The Myth of Sisyphus) ورتو هو ۽ هن جي ناول ”اجنبيءَ“ (Stranger) جي تلاش ۾ هوس، جو پوءِ مون کي حشوءَ پڙهڻ لاءِ ڏنو اُن جو ڪجهہ اختصار هيٺ ڏيان ٿو جنهن مان اُن وقت منهنجي ذهن جي ڪيفيت جو اندازو ٿي سگهندو:

”هڪ نوجوان کي ڪورٽ ۾ انهيءَ الزام ۾ پيش ڪيو ويو تہ هُن سمنڊ جي ساحل تي هڪ اهڙي اجنبيءَ کي ماريو آهي، جنهن جو مُنهن هن ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هن انهيءَ ماڻهوءَ کي، جو سمنڊ تي شام ڏسي رهيو هو لِکي لِکي، چاقو کيسي مان ڪڍي، پُٺيءَ ۾ هنيو جو ڪري پيو ۽ مري ويو ڪنهن بہ هُن کي قتل ڪندي نہ ڏٺو هو. ڪهڙو نہ عجيب واقعو هو! ڪوبہ ماڻهو بئي ڪنهن کي ماري نہ سگهندو جنهن سان سندس دشمني نہ هجي، جنهن تي سندس ڪاوڙ نہ هجي، يا جنهن لاءِ سندس من ۾ انتقام جو ڪوئي جذبو نہ هجي. تون ڪنهن کي دشمن تڏهن ٿو بڻائي سگهين، جڏهن تون هُن سان دوستي ڳنڍين. ڪجهہ نہ ڪجهہ واقفيت تہ ڪنهن کي دشمن بڻائڻ لاءِ ضروري آهي! جج منجهي پيو ۽ ملزم کان پڇيائين، ”تو هڪ اجنبيءَ کي ڇو ماريو جنهن جو مُنهن بہ تو ڪڏهن نہ ڏٺو هو؟“ هن جواب ڏنو: ”ان ڳالهہ جي اهميت ڪهڙي آهي؟ مان ايترو ”بور“[1] ٿي رهيو هوس، جو مون اهڙو ڪو ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو جو منهنجو فوٽو سيني اخبارن ۾ اچي.پوءِ اها ڳالهہ ٿي، تہ مان گهٽ ”بور“ ٿيڻ لڳس. بهر صورت زندگيءَ کي ڪا معنيٰ نہ آهي. اُهو احمق اُتي ڇا ڪري رهيو هو؟جي مان هن کي خون نہ ڪريان ها تہ هو ڇا ڪري ها؟ ساڳيون ڳالهيون دهرائي ها، جي هو هر روز ڪندو هو ۽ ڪيئي پيرا ڪيون هئائين. هي تماشو ڇالاءِ آهي؟ مان ڪورٽ

---

[1] بور ٿيڻ (To bo bored) : ڪڪ ٿيڻ، بيزار ٿيڻ، اُها من جي حالت، جو ڪابہ ڳالهہ برادشت نہ ڪري، ڪجهہ بہ نہ وڻي.

۾ ڇالاءِ پيش ڪيو ويو آهيان؟“

جج نهايت حيران ٿي ويو. عيني گواهہ ڪوئي نہ هو. رڳو ملزم پاڻ ٿي چيو هو تہ ”مون هن کي ماريو آهي.“ پر گواهن کان سواءِ هُن کي سزا نہ ٿي اچي سگهي . ممڪن آهي تہ هو ڪُوڙ ڳالهائيندو هجي! گواهہ تہ ڪين آهن. پوءِ حالات جي ثابتيءَ لاءِ گواهہ پيش ڪيا ويا. هن جي هڪ پاڙيسريءَ چيو تہ ”هي عجيب ماڻهو آهي, هن جي ماءُ آچر ڏينهن مري وئي ۽ هن کي ان ڳالهہ جو اطلاع ڏنو ويو.“ ان تي هن چيو: ”اها عورت هميشہ مون کي مصيبت ۾ وجهندي هئي. آخر آچر تي ڇو مُئي ؟ آچر موڪل جو ڏينهن آهي. هوءَ ڇنڇر يا جمعي تي مري نہ ٿي سگهي؟. پر مون سمجهيو تہ اها عورت, جا منهنجي لاءِ سڄي عمر عذاب ٿي رهي آهي,ضرور آچر تي مرندي ۽ منهنجي موڪل جو ڏينهن خراب ڪندي. ٿيو بہ ائين, ۽ جڏهن مون هن کان پڇيو تہ”تو مون تي ڪاوڙ ڇو ڪاڍي؟“ تڏهن هن چيو تہ ”توتي مون ڪاوڙ ان ڪري ڪاڍي, جو تو پنهنجي ساهيڙيءَ (Girl friend) لاءِ سئنيما جون ٽڪيٽون ورتيون هيون .“پر اها عورت ٻئي ڪنهن ڏينهن بہ مري سگهي ها. هُن جو آچر تي مرڻ ڪهڙو ضروري هو؟ مان اِها ڳالهہ سمجهي نہ ٿو سگهان. پر مون کي خبر هئي تہ هوءَ ڪجهہ ائين ئي ڪندي“ ٻيو گواهہ آيو ۽ چيائين تہ: ”مان هن جي ماءُ کي دفنايو پر ساڳيءَ شام جو هو هڪ نهايت خوبصورت ڇوڪريءَ سان ڊسڪو ڊانس ڪري رهيو هو. مون هن کي چيو تہ ”تنهنجي ماءُ اڄ صبح جو مُئي آهي. اهو نيڪ تہ نہ ٿو لڳي تہ تون شام جو ڊسڪو ڊانس ڪرين!“ هن جواب ڏنو”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ هاڻي مان جڏهن بہ رِقص ڪندس, تڏهن اهو منهنجي ماءُ جي موت کان پوءِ هوندو. پوءِ اهو هن جي موت کان ٻارهن ڏينهن پوءِ هجي, يا پندرنهن ڏينهن پوءِ, يا پنج سال پوءِ!“

”هن جي ڳالهہ ۾ منطق تہ هو پر انسانيت ڪانہ هئي. هن جي خلاف اهڙيون ڳالهيون ٻيا گواهہ بہ ڪندا رهيا.“

انسان جو منفي فلسفو انسان کان اهڙيون ڳالهيون چوائي ٿو. اِهي انسان کي ديوانو ڪري ٿيون وجهن يا کانئس خودڪشي ڪرائن ٿيون.

نتشي ان لاءِ خود ڪُشي ڪئي, ڇوتہ هن کي زندگيءَ ۾ معنيٰ نظر نہ آئي. يوناني فلسفي زينو (Zeno) سڄي زندگي آپ گهات لاءِ ماڻهن کي

چوندو رهيو ڇاڪاڻ جو "نجات جو ذريعو فقط اهوئي هو!"

مٿيون اختصار مون اوشوءَ جي ڪنهن ڪتاب مان ڏنو آهي.

سچ تہ مان بہ فقط ڪورٽن، بار رُومن ۽ لا رپورٽن جي مطالعي ۾ سارو وقت وڃايان ها، تہ منهنجي ڪيفيت بہ اُنهيءَ نوجوان جهڙي هجي ها، جنهن بي سبب خون ڪيو هو. پر شراب نوشيءَ، شاعريءَ، وڪالت ۽ مصروفيت ۽ ڪميونزم سان وابستگيءَ مون کي بچائي ورتو. مون دل ۾ سوچيو هو "تقسيم جي باوجود اسان ٻنهي پاسي انقلاب آڻي سگهون ٿا، جنهن جا خوشگوار نتيجا نڪرندا. ان سان گڏوگڏ مان اُهو ادب تخليق ڪري سگهندس، جنهن لاءِ صديون سِيڏائي رهيون آهن."

ڪالهہ ستار پيرزادو منهنجن هٿ اکرن ۾ لکيل "ڪتي نہ پہچبو تہ ڪ مسافر" جا ساڍا پنج سؤ صفحا کڻي ويو ۽ چيائين تہ "ان کي فائيل ۾ وجهي، پوءِ پڙهندس، ۽ جا ڳالهہ مون کي نہ آئڙي، اُها تنهنجي ڌيان تي آڻيندس."

منهنجي ميز تي حوالي لاءِ ڪيئي ڪتاب پيا آهن، جن کي سوري پوري، پليٽن رکڻ لاءِ جاءِ ناهيان ٿو. ڇهن مهينن کان آتم ڪهاڻيءَ جو ٽيون "جلد ٿي لکيم. مهينو کن اڳي فيروز آيو هو ۽ چيائين تہ "ڪونجون ڪرڪن روهہ تي" ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي ويندو. پوءِ وري خط لکيائين تہ سرورق لاءِ انتظام ڪيو اٿم." پر اجا اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ نہ ڏنو اٿائين، ڇوتہ مون هن کي آتم ڪهاڻيءَ جو ٽيون جلد ڇپجڻ لاءِ نہ ڏنو. اُن ڪتاب ۾ منهنجي اڻ ڇپيل خوبصورت شاعري هئي ۽ تصوف تي لنبو مهاڳ هو. مون آتم ڪهاڻيءَ جو ٽيون جلد هُن کي نہ ڏنو، ڇوتہ هِتي ڪراچيءَ ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ مون کي آساني ٿي ٿِي، ۽ ٽيليفون تي معلوم بہ ٿيندو ٿي آيو تہ ڪتاب ڪٿي پهتو آهي. مان جنهن تيزيءَ سان لکان ٿو اُن تيزيءَ سان ناشر ڇپائي نہ ٿا سگهن. مون هن کي ميار نہ ڏني تہ مون "ڪونجون ڪرڪن روهہ تي" ڪتاب جا سالُ اڳ هن کي سيڪنڊ پروف درست ڪري موڪليا هئا.

آخر هر اديب چاهيندو آهي تہ مان پنهنجي هر ڪتاب جي اشاعت پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏسان. هر نئين ڪتاب جي اشاعت هڪ نئينءَ محبوبا جي ڇهري وانگر موهيندي آهي ۽ مان اُن جي لسي سرورق تي هٿ ائين گهمائيندو آهيان، جيئن ڪوئي پنهنجي نئين نويليءَ ڪنوار جي پٽ جهڙي منهن تي گهمائيندو آهي. مان اُن کي پڙهي، ان مان ائين نہ ٽڪبو

آهيان، جيئن ڪنهن جا گُلَ انار جيئن چپ چمندي نہ ٿڪبو هوس، ۽ اُها چڻ هڪ ڏکي چُمي صبح کان شام جي ٽي ويندي هئي، ۽ ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ائين هوندو آهي، جيئن هُن جو منهن هوندو هو. پني جي اُٿلاءَ ۾ مون کي هن جي اُرهہ جي ڇهاوَ جهڙو آرام ايندو آهي. هر نئون ڪتاب هڪ نئينءَ سريت وانگر ٿيندو آهي، خوبصورت، دلڪش ۽ رات جي آرام جو دشمن.

ڊاڪٽر چوندا آهن تہ مان ايترو نہ لکان، پر مان چوندو آهيان تہ جي مان ادبي تخليق کان مُنهن موڙيندس تہ منهنجا پُوڙن مان هٿ نڪري ويندا ۽ درياهہ مون کي لوڙهي ويندو. نہ ڄاڻان باقي حياتي گهڻا پل آهي. مان هڪ پل بہ ضايع نہ ٿو ڪرڻ چاهيان، جيئن صراف سون جي رتي ضايع نہ ڪندو آهي. پٺائيءَ چيو آهي تہ "پنهنجو پاڻ سڃاڻُ، آتي قيمت سندو قطرو."اديب جي سڃاڻَ پنهنجي تخليق ڪيل ڪتاب کان ڪهڙي بهتر آهي. اهو بارش جو قطرو آهي، جو سِپ ۾ قيمتي موتي ٿئي ٿو. مون تي نثر ۽ نظم ٻئي سانوڻ جي مينهن وانگر ايندا آهن، ائين لڳندو آهي تہ منهنجو قلم جهلي ٻيو ڪوئي لکي رهيو آهي. اُهو منهنجو معاون ڪير آهي؟ مان پنهنجو پُنر جنم ڏسي سگهان تہ ٻڌايان. ڪمري ۾ ٽنگيل ٻُڍ جي تصوير مان جڻ ٻوڏي وڻ نڪري ايندو آهي ۽ مون تي ڇَٽُ ڪندو آهي ۽ مون کان ٻُڪَ ۽ اُڃ وسري ويندي آهي. ساهتيہ مون لاءِ اُڪيچار آتم ڏن آهي، جنهن جي پيٽ ۾ دنيا جا پدارٿ ڪجهہ نہ آهن. ڪِن سِرُن جا مينار ناهيا، ڪن سونَ جا مينار ناهيا. مان ايترا ڪتاب لکڻ چاهيان ٿو تہ جي هڪ ٻئي جي مٿان رکان تہ اُهي قطب مينار کان وڏيڪ اُيا ٿي وڃن. نہ ڄاڻان تہ عمر مون کي ڪيتري مهلت ڏيندي ۽ قلم منهنجو ڪيترو ساٿ ڏيندو؟

ڪالهہ وڏو ٻوجهہ لهي ويو آهي ۽ ائين ٿو لڳي تہ آب حيات ۾ غُسل ڪيو اٿم. ستار پيرزادي وعدو ڪيو آهي تہ ٻن مهينن ۾ ڪتاب ڏيندو جي حميد سبزوئيءَ ڇپائي ۾ دير نہ ڪئي.

حميد سبزوئيءَ منهنجن هائڪن تي مونوگراف لکي، خيرپور مان ايم. اي ڪئي آهي. پر هاڻي چوائي موڪليو اٿائين تہ اڻ ڇپيل هائڪن جو ڪتاب بہ ڏيارجيس تہ اُهو بہ تبصري هيٺ آڻي سگهي. جيستائين رڳو هائڪوءَ جو سوال آهي تہ مون جپان جي هائڪوءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر، باشوءَ کان ٻيڻا ٽيڻا هائڪو لکيا آهن، ۽ دنيا ۾ لکيل هائڪن جي برعڪس

منهنجن هائڪن ۾ ماترائن جي ڪٽ ماپ ۽ قافيو بہ آهي.

جڏهن ستار پيرزادي کي آتم ڪهاڻيءَ جو ٽيون حصو ڏنو اٿم، دل تان وڏو بوجهہ لهي پيو آهي. مواد مون وٽ ايترو هو جو بيا پندرهن سؤ صفحا لکي وجان ها، پر مون ان مواد کي آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي ڪنهن جلد ۾ آڻڻ ٿي چاهيو ڇوتہ هونئن ڪتاب وڏي وڃي ها.

مون تصوف کي انسان جي آخري نجات سمجهيو آهي، ۽ ايراني شاعريءَ ۾ ۽ دنيا جي قومن ۾ ۽ سندن زبانن ۾ اسرار پسنديءَ (Mysticism) جو مطالعو ڪيو آهي.

آگسٽ ۾ آصف فرخي جرمنيءَ ۾ اديبن جي سيمينار جو دعوت_ نامو کڻي آيو ۽ مون کان پڇيائين تہ مان شريڪ ٿيندس يانہ. فرخي انگريزيءَ ۾ منهنجي شاعريءَ جا خوبصورت ترجما ڪيا آهن. هن چيو تہ ڊاڪٽر آئن ميري شِمل چيو آهي تہ جي مان نہ اچان تہ ڪلام جو مختصر انتخاب ڪري ڏانهس موڪليو وڃي تہ هوءَ پاڻ ئي اُن جو انگريزي ۾ ترجمو ڪندي. هيءَ علوم مشرق جي ماهر (Orientalist) آهي ۽ شاهہ لطيف ۽ علامہ اقبال جا جرمن ٻوليءَ ۾ ترجما ڪيا آٿائين. هوءَ پير حسام الدين راشديءَ جي گهري دوست هوندي هئي ۽ جڏهن بہ پاڪستان ايندي هئي تڏهن راشدي صاحب سان ملاقات ضرور ڪندي هئي. هوءَ تصوف جي عاشق آهي. هڪ ڀيري پير صاحب هن کي ۽ مون کي آغا بدرالدين دُرانيءَ جي فارم تي وٺي هليو هو. آغا صاحب تن ڏينهن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر هوندو هو ۽ پير صاحب جي چوڻ تي، هُن ڳڙهي ياسين ۾ ذاتي لائبريري ٺهرائي هئي، جنهن ۾ پير صاحب وانگر ڪيئي قلمي نسخا بہ رکيا هيائين. فارَم جي وچ تي هڪ وڏو تلاءُ هو جنهن ۾ پاڻي پريل هو ۽ اُن ۾ هڪ ٻيڙي بہ رکيل هئي. اسان تلاءَ جي پر تي ويهي صوفياڻو ڪلام ٻڌو هو. اُتي مولوي نظير* بہ وينو هو. هو هڪ نهايت دلچسپ ڪردار هو ۽ مُلن سان هن جي نوڪَ جهونڪَ رهندي هئي. مانيءَ جي ميز تي ڪُڪڙ جي ٽنگ زور سان چِني رهيو هو تہ مون ڏانهن ڏسي چيائين، "ڪامريڊ! هي ڪُڪڙ تہ ٻانگو هو! ائين ٿو لڳي جڻ ملان جي ٽنگ رَڙڪي رهيو آهيان!" هن جا بيا بہ لطيفا مشهور هئا. هو سکر جي مارڪيٽ ٽاور وٽ ويٺو هو تہ زبردست بارش پئجي رهي هئي. هن

* مولوي نذير حسين جتوئي

ڏنو تہ هڪ ملان پاسي ۾ ناليءَ ۾ پيشاب ڪري، اڳٺ وات ۾ وجهي، وَٽُ تلاش ڪري رهيو هو تہ مولوي نظير هن کي رڙ ڪري چيو "ملان! مٿي تہ ڏس بارش رحمت وسي رهي آهي. تون پيو صفائيءَ لاءِ وٽ تلاش ڪرين!"

ٻئي ڀيري هو ڪاڌيءَ جا ڪپڙا ۽ اڇي ڪانگريسي ٽوپي پائي، هڪ وڏيري وٽ ويو هو. وڏيري کيس چيو "هيءَ کهڙي ڪانگريسي ٽوپي پاتي آٿي؟ ائين ٿو لڳي جڻ ڪُتي تي نظر پئي آهي!" نظير وڏيري کي نهٺائيءَ سان چيو "سائين، مان ڪانگريسي تہ نہ آهيان، ڪميونسٽ آهيان."

وڏيري پڇيو "اهو ڪميونسٽ وري ڪير ٿيندو آهي؟" "سائين"، هن ٺڌائيءَ سان جواب ڏنو "ڪميونسٽ اُهو ٿيندو آهي، جنهن جي وڏيري تي نظر پئي جڻ مرونءَ تي پئي." هُن "مرونءَ" کان بہ وڌيڪ سخت لفظ ڪم آندو هو.*

مون ڳالھ تي ڪئي آئن ميري شِمل جي. هوءَ وري مون سان لاهور ۾ هڪ دعوت ۾ ملي هئي. اُتي مسٽر جسٽس رحمان بہ ويٺو هو جنهن جو مون اردوءَ ۾ فقط هڪ غزل پڙهيو هو. غالباً هن ٻيو ڪجھ نہ لکيو هجي. هو "فيض" جو ۽ "فيض" جي هم زلف پطرس بخاريءَ جو دوست هو. جسٽس رحمان مون کي اُن محفل ۾ ڏسي ڇرڪي ويو. هو وَن يونٽ واري دور ۾ ويسٽ پاڪستان هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هو ۽ اُن وقت هو سکر جي ڊسٽرڪٽ بار ائسوسيئيشن جي انسپيڪشن لاءِ آيل هو. هن جي ادبي ذوق جي باري ۾ ٻُڌي، سيشن جج عزيز الله ميمڻ مون ڏانهن اِشارو ڪندي چيو "هِن، 'شاھ جي رسالي' جو اُردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي." هُن مون ڏانهن غور سان ڏسي، عزيز الله کي چيو "دير ٿي وَئي آهي. هاڻي ڪاروائي پوري ڪئي وڃي، ۽ ماني رکي وڃي." ايتري ۾ بار ائسوسيئيشن جي سيڪريٽريءَ، آغا محمد نواز خان، ڪچي پڪيءَ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪئي. سنڌيءَ ۾ تقرير ۾ "ٻوڙ هارڻ" هڪ محاورو آهي، پر آغا محمد نواز پنهنجيءَ تقرير ۾ ٻوڙ جون بہ ٿي ديڳيون هاري ڇڏيون هيون. جسٽس رحمان جواب ۾ طنز سان چيو تہ "مان اوهان جي سيڪريٽريءَ جي انگريزيءَ ۾ شاعري ٻُڌي اوهان کي منهنجي صلاح آهي تہ وڪالت جي پيشي ۾ محنت ڪريو ۽ قانون ڏسي،

---

* اصل ۾ هن "خنزير" لفظ ڪم آندو هو. (ت.ب)

پوريءَ طرح تيار ٿي، ڪيس هلايو.“ عزيزالله جو منهن لهي ويو ۽ هن جسٽس رحمان ڪي، مون ڏانهن اشارو ڪندي، چيو تہ ”هِن جو ترجمو پريزيڊنٽ ايوب کي بہ وڻيو آهي.“ جسٽس رحمان ڪيس چڙب ڏئي چيو تہ ”منهنجو زياده وقت نہ وڃاءِ! ماني رکاءِ!“

جنهن وقت مان ائن ميري شمل جي دعوت ۾ ويو هوس، اُن وقت لاهور ۾ منهنجي نالي ٻُڌڻ سان ائين ڇُپ ڇائنجي ويئي، جيئن شيخ مجيب جي نالي ٻڌڻ سان ڇائنجي ويندي هئي. ممڪن آهي تہ هن کي منهنجي ڇهري جي يادگيري بہ آئي هجي. اُن وقت ڊاڪٽر ائن ميري شمل چيو تہ ”مون علامہ اقبال جو ترجمو ڪري ورتو آهي، هاڻي شيخ اياز جي شاعريءَ جو ڪنديس.“ اها ڳالهہ ٻڌي، مون کي عزيزالله جي ڇهري تي شرمندگي ۽ غالب جو هيٺيون شعر ياد آيو:

*گدا سمجھ کے وہ چپ تھا مری جو شامت آئی،*
*اُٹھا اور اُٹھ کے قدم، میں نے پاسبان کے لئے.*

ڊاڪٽر ائن ميري شمل، پير صاحب ۽ مون سان، بہ پيرا وسڪي پيتي هئي. ڪلچرل سينٽر جو سيڪريٽري شڪوهي ۽ هن جي هندو بنگالڻ زال چڱا ميزبان هئا. شڪوهي هڪ سُهڻو پوري رنگ جو جوان هو ۽ هن جي سانوري بنگالڻ هڪ ڇڱو فوم جو گاديلو لڳندي هُئي. ڊاڪٽر شمل مون کي چيو تہ ”علامہ اقبال جو ڪوئي سنو شعر ٻُڌاءِ، جو توکي پسند آيو هجي.“ مون هن جو هڪ فارسي شعر پڙهيو:

*قدم در جستجوے آدمی زن*
*خدا خود در تلاشِ آدمی است.*

(آدميءَ جي ڳولا ۾ وک وڌاءِ!
خدا خود آدميءَ جو ڳولائو آهي.)

مون کي، اهو شعر ٻڌائي، نتشي جو شعر ياد آيو. ان تي ڊاڪٽر شمل چيو هو ”علامہ اقبال مون غور سان پڙهيو آهي. ٻئي ڪنهن شاعر جو فارسي شعر ٻُڌاءِ!“

مون هن کي نظيريءَ جو هڪ شعر ٻڌايو:

هیچ اکسیر به تاثیر محبت نه رسد،
کفر آوردم و در عشقِ تو ایمان کردم.

(ڪوئي بہ اڪثيرُ محبت جي تاثير ڪان مٿاهون نہ هوندو آهي، مون ڪفر آندو ۽ اُن کي تنهنجي عشق ۾ ايمان بڻائي ڇڏيو.)

هُن ڪنڌ ڌوڻي ”گُڊ“ چيو.

اُن ڪان پوءِ چيائين تہ ”حافظ“ جو ڪوئي شعر ٻڌايو:

سِر خُدا که عارف وسالک به کس نه گُفت،
در حیرتم که باده فروش از کجا شُنید.

(خدا جو ڳجهہ، جو ڪنهن بہ عارف ۽ سالڪ نہ ٻڌايو مون کي حيرت آهي تہ ميفروش اُهو ڪٿان ٻُڌو!)

خمار ۾ اَچي مون هن کي چيو ”محبت ٻن قسمن جي عورتن سان ڪئي ويندي آهي. هڪ اُن عورت سان جنهن لاءِ توکي عزت هجي، ٻيو اُن عورت سان جنهن سان تنهنجو عشق هجي.“ ڊاڪٽر شمل عربيءَ تي عبور حاصل ڪري رهي آهي. هن جي خيال ۾ عربي شاعري نهايت خوبصورت آهي. هن مون کي عربيءَ جو هڪ شعر ترجمو ڪري ٻُڌايو: ”عشق ساريءَ دنيا جا چڪر لڳائيندو رهيو جڏهن اُهو هُن وٽ پهتو تڏهن چُرڻ جي نہ ڪيائين.“ پوءِ هن پير صاحب کي گهوري ڏٺو. مون کي ائين لڳو تہ گهور مان ڪوئي معصوم روح گهوري رهيو آهي. اُتي هڪ وڏيرو وينو هو. هُن مون کان پڇيو ”چا، هيءَ پير صاحب سان جرمنيءَ مان ملڻ آئي آهي.“ جڏهن مون هن کي جواب ڏنو ”هائو ڪيئي پيرا“، تڏهن هُن چيو ”پوءِ پير صاحب هُن سان نڪاح ڇو نہ ٿو ڪري؟“ مون هن کي جواب ڏنو ”وڏيرا! پيار اُهو پرندو آهي، جو نڪاح جي قفس ۾ ورلي ڦاسندو آهي.“

اسين ٻئيءَ ڏينهن تي موٽي آياسين. پير صاحب مون کي پنهنجي آفيس وٽ ڇڏيو ۽ چيو تہ رستي لاءِ ڪوئي فارسي شعر ٻڌاءِ. مون هن کي هڪ شعر ٻڌايو جو هُن پنهنجيءَ ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏيو:

از شبستانِ عدم تا به بیابان وجود
به تلاشِ کفنی آمده عریانی چند.

(عدم جي رات جي پڙاوَ کان وجود جي واريا سي تائين ڪُجهہ اُگهاڙا

ماٺهو ڪفن جي تلاش ۾ آيا.)

ڊاڪٽر شمل مون سرگرميءَ سان هٿ ملائي چيو "اُميد تہ تنهنجي شاعري بہ ايتري پياري هوندي "

جڏهن پير صاحب گُذاري ويو هو تڏهن هُن کي مڪليءَ جي قبرستان ۾ دفنايو هئائون. ڪجهہ وقت پوءِ جڏهن ائن ميري شمل مرحوم پير حسام الدين راشديءَ جي مڪليءَ تي قبر تي وئي هئي، تڏهن وصيت ڪئي هئائين تہ "منهنجي موت کان پوءِ مون کي بہ اِتي ئي پوريو وڃي."

منهنجي مٿينءَ لکڻيءَ کان بہ ڏينهن پوءِ نثري نظم جي شاعره عطيہ دائود پنهنجي مڙس خدا بخش ابڙي سان منهنجي گهر آئي، ۽ مون کي پنهنجو نئون ڇپيل ڪتاب"شرافت جي پُل صراط" ڏنائين. اُهو هن جو نثري نظمن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ هڪ عورت مرداڻي سماج جي منهن تي لپاٽ وهائي ڏئي ٿي. ان ڪتاب جو 12 صفحا مهاڳ منهنجو لکيل آهي، جو مون بہ اڍائي سال اڳ لکيو هو. سنڌيءَ ۾ اشاعت کان اڳ اُن جو انگريزيءَ ۾ آصف فرخيءَ ترجمو ڪري ڇپايو هو جنهن پنجاب ۽ سنڌ کي لوڏي وڌو هو. پنجاب جي مشهور اديبا ڪشور ناهيد, جا خود "عورتازاد" جو زبردست ڦهلاءُ ڪندي آهي، عطيہ جي ڪتاب کان ايترو متاثر ٿي هئي، جو اُن تي اُردوءَ ۾ پيش لفظ لکيو هئائين. عطيہ مون سان بہ ٽي پيرا تاجل "بيوس" سان گڏجي ڪلفٽن تي هلي هئي ۽ اسان سمنڊ جي ساحل تي تريل مڇي کاڌي هئي. خدابخش آرٽسٽ آهي، جنهن هن جي نظمن تي ڪجهہ تصويرون ڪڍيون آهن، جي ڪتاب ۾ شامل آهن. عطيہ ٻڌايو تہ جڏهن فرخيءَ منهنجي نہ اچي سگهڻ جو اطلاع ڏنو تہ جرمنيءَ مان هن کي شرڪت جي دعوت ملي آهي. بهتر ٿيندو تہ هِتِ ان ڪتاب مان هن جو هڪ نثري نظم ڏيان:

"پنهنجي ڌيءَ جي نانءِ"
جي توکي ڪاري ڪري مارين,
مَري وڃجانءِ، ضرور نينهن لائجانءِ!
اُجايل خواهشن جي رِڻ پَٽ ۾
ٿوهر جيان نہ رهجانءِ، ضرور نينهن لائجانءِ!
جي ڪنهن جي ياد هوريان هوريان,
مَن ۾ تنهنجي هُرِي پئي،

مُرڪي پئجانءِ، ضرور نينهن لائجانءِ!
هو ڇا ڪندا؟ توکي رڳو سنگسار ڪندا،
جِيونَ پل تون ماڻجانءِ، ضرور نينهن لائجانءِ!
پوءِ ڇاهي؟ سهي ويجانءِ!
ضرور نينهن لائجانءِ!

مردن جي سماج ۾ ايتري بغاوت ڀري شاعري پوري برصغير ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ شاعره نہ ڪئي آهي.

جڏهن منهنجي آجيان ۾ شيما ڪرمانيءَ منهنجي نظم ”هي گيت اُجايل مورن جا“ تي پارت نتيم ناچ ڪيو هو. تڏهن پارت جو مشهور سنڌي شاعر لڇمڻ ڪومل موجود هو جو ڪراچيءَ ۾ ٽرانزٽ ويزا تي ترسيل هو. ساڳئي وقت منهنجي آپيرا ”دودي جو موت“ بہ اسٽيج تي آندي وئي هئي. لڇمڻ ڪومل آپيرا ڏسي چيو هو تہ ”اسان وٽ آپيرا ۾ گئي ڪردار هوندا آهن.“ مون هن کي ياد ڏياريو تہ هيءَ ساري آپيرا مقفيٰ نظم ۾ آهي، جا پنهنجو مثال پاڻ آهي. اُن کان پوءِ ٽَري ڳائڻن منهنجا گيت ڳاتا هئا. هڪ ڳائڻي، صادق فقير، ڪي مشهور آمريڪي ڳائڻي پال رابسن جو آواز هو. پنجاب مان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، جي دير سان پهتا هئا، ڪُرسيون خالي نہ ڏسي، ڏاڪڻين جي قالين تي ويهي رهيا هئا. ان ساريءَ تقريب جو روح روان خدابخش ابڙو هو.

ڪجهہ وقت اڳ فقير محمد لاشاريءَ جي ورسي ملهائي وئي هئي، جنهن ۾ هن (صادق فقير) مون کي ڪلاڪ کن ڳاتو. سامعين گيت ٻڌي، ايتري جوش ۾ اچي ويا، جو هُنن مون تان هزار هزار رُپئي جا نوٽ گهوريا، هن کي ڪيئي هزارَ ڏنا. هن کي ٻڌي، مون کي احساس ٿيو تہ ڪيترو وقت آءٌ جنهن ڳائڻي جي تلاش ۾ رهيو آهيان، مون کي ملي ويو آهي. هو مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي گهٽ ڳائيندو آهي. منهنجي شاعريءَ ۾ هڪ اندروني ترنم آهي، ۽ مان اُن تي ئي اڪتفا ڪندو هوس. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون محسوس ڪيو تہ هڪ موثر آواز منهنجيءَ شاعريءَ لاءِ ڪيترو نہ ضروري آهي.

عطيہ ديواني اردو شاعره، سارا شگفتہ، جي دوست هئي، جنهن پنهنجي گردن ريل جي پٽي تي رکي خودڪُشي ڪئي هئي. عطيہ مون کي مرحومہ

سارا جي نثري شاعريءَ جو ڪتاب ”آنکهين“ تحفي طور ڏنو هو جنهن تي آمرتا پريتم جو مهاڳ لکيل هو پوءِ منهنجي دوست احمد سليم، مرحوم تي هڪ ڪتاب ”ايک تهي ساره“ لکيو هو. عطيہ دائود، سارا شگفتہ ۽ احمد سليم امرتا پريتم جا دوست هئا. احمد سليم جنهن منهنجي منتخب ڪلام جو ترجمو پنجابي نظم ۾ ڪيو هو اُن کي مارڪسزم جي لغار لڳل آهي.* هو مارڪسزم لاءِ منهنجي نفرت جي اظهار سبب رُنو آهي، جيئن ٻيا ڪجھ پيارا سنڌي دوست ۔ جويو، سراج، سَرڪي ۽ ٻيا ڪيئي ڪاہيءَ ڏر وارا دوست ناراض ٿيا آهن.

مشهور شاعر، شاهہ محمد پيرزادو اُردوءَ جي نامياري اديب آصف فرخيءَ سان گڏجي، مون وٽ آيو. هو آصف فرخيءَ جو دوست آهي. آصف فرخيءَ مون وٽ اُردوءَ جا پنج ناول تحفي طور آندا هئا ۽ چيو هئائين تہ ”منصور جو عربيءَ ۾ ديوان اُردو ترجمي سان مون شاهہ محمد پيرزادي وٽ وساريو آهي، هو اُهو مون کي پهچائي ڏيندو. دراصل فرخي جرمنيءَ وچي رهيو هو مون کان موڪلائڻ آيو هو.

ڪجھ ڏينهن پوءِ شاهہ محمد پيرزادو مون وٽ ”ديوان منصور“ کڻي آيو هو. اُهو پهرين فرانسيسيءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي ۽ فرانسيسيءَ تان انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي ۽ انگريزيءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي، جو مڪتبہء دانيال وارن ڇپايو آهي. ديوان تي صفحي 4کان 60 تائين جناب منظراقبال مقدمو لکيو آهي. جنهن لاءِ کيس ڪافي مطالعوءِ محنت ڪرڻي پئي. مون ان کان اڳ اردو ماهوار رسالي ”سويرا“ جو منصور حلاج تي نمبر پڙهيو هو جنهن ۾ ايترو مواد ڪونہ هو. مون کي اسلامي دنيا ۾ ٻہ شخص سمجھ ۾ نہ آيا آهن. حسين بن منصور حلاج ۽ سرمد، جن اذيتناڪ موت خوشيءَ سان قبوليو هو ۽ فنا کي بقاجي ابتدا سمجهي اُف بہ نہ ڪئي. اهڙا شخص ٻہ ٻيا بہ ٿيا آهن. زڪريا ۽ دادوءَ جو مخدوم بلاول۔ پهرئين کي ڪرٽ سان ڪپيو ويو هو ۽ ٻئي کي گهاڻي ۾ پيڙايو ويو هو. ڇا، هنن اهو سمجهيو هو تہ اذيت عارضي هئي. ۽ موت کان پوءِ ان جو ثبوت ئي ڪهڙو آهي؟

هونءَ تہ انسان کي جڏهن ڏند ۾ سور پوي ٿو تڏهن اُهو هيروشيما ۽

---

* 'جو تجل نے آکھیا' پنجابي منظوم ترجمو

ناگا ساڪيءَ جي المئي ڪان وڏيڪ ڏيان ڇڪائي ٿو. جيستائين ماڻهوءَ کي پڪ نہ آهي تہ پيڙا ڪڻ پنگر آهي، تيستائين هو اُن کي لڪائي ٿو ۽ لُڇي ٿو. مون ڏانهن هڪ دوست سرمد تي مولانا آزاد جا اٽڪل 50صفحا پيش لفظ سان گڏ سرمد جون ساريون رُباعيون موڪليون، جن جو مطالعو بہ مون غور سان ڪيو آهي.

مان صوفي ازم تي ڪافي ڪجهہ لکڻ ٿو چاهيان، ڇوتہ اُهو نظريو ئي منهنجي زندگيءَ ۾ جدلياتي ماديت جو نعم البدل آهي. ساڳئي وقت مون ادريس شاهہ جي انگريزي ڪتاب "صوفي ازم" ۾ مولانا روميءَ تي لکيل باب تي نظر وڌي آهي. روميءَ جو "مثنوي ومعنوي"، جو 1332صفحن تي مشتمل آهي، منهنجيءَ ميز تي پيو آهي، جو مون کي ايران جي ڪائونسل جنرل ٻين فارسي ڪتابن سان تحفي طور ڏنو هو. گربخشاڻيءَ اُن جو فقط پهريون شعر شاهہ جي رسالي جي مقدمي ۾ ڏنو آهي. اهو آهي:

بشنو از نی چون حکایت می کند
وز جدائی ها شکایت می کند

گربخشاڻيءَ اُن مان اهو نتيجو ڪڍيو تہ شاهہ جي سٽ"وڍيل تي وايون ڪري، ڪُنل ڪوڪاري" روميءَ جي مٿين شعر تان ورتل آهي! هن کي شايد معلوم نہ هو تہ سنڌ ۾ ڪنگور جي ڪانيءَ کي ڪپي نڙ ناهيندا آهن، جنهن جو شاهہ لطيف مشاهدو ڪيو هوندو. نڙ ۽ نَيءِ لڳ ڀڳ ساڳي ڳالهہ آهن، حيرت آهي تہ ان موضوع تي مثنويءَ ۾ 35 اشعار آهن، جن جو ذڪر گربخشاڻيءَ نہ ڪيو آهي.

گربخشاڻي منهنجو پي. ايچ. ڊيءَ لاءِ گائيڊ هو جڏهن مان ڊگريءَ جي حصول لاءِ علامہ اقبال تي ٿيسز لکي رهيو هوس. مون کي اهو ڏسي حيرت آئي تہ گربخشاڻيءَ علامہ اقبال کي اُردوءَ ۾ تہ ٺهيو پر پارسيءَ ۾ بہ نہ پڙهيو هو جيتوڻيڪ هو فارسيءَ جو ماهر سمجهيو ويندو هو. مان روميءَ کان سواءِ حافظ ۽ پارسيءَ جا ڪيترائي شاعر پڙهيا آهن، جن تصوف تي طبع آزمائي ڪئي. ان موضوع تي مسلم فلسفِي ابنِ عربيءَ، ابو سينا، ابنِ رُشد ۽ اخوان الصفا جو مطالعو بہ مون ڪيو.

منصور تہ سنڌ ۾ بہ آيو هو ۽ ڪرمتي فرقي جو هن تي ڪافي اثر هو.

جن جون قبرون چوڪنڊيءَ ۽ گهاري جي قبرستانن ۾ آهن. دراصل هو ماريو ئي اُنهيءَ فرقي سان وابستگيءَ ڪري ويو هو.

چا، مٿي ذڪر ڪيل شهيدن جي شهادت نظرياتي آفيم وانگر هئي، يا اُنهن فنا ۽ بقا جي راز کي اسان کان وڌيڪ ڄاتو هو؟ ڇا، هو اُهو چڱيءَ طرح ڄاڻن پيا تہ عذاب عارضي آهي ۽ انت هڪ خواب پريشان وانگر آهي؟ ڇا، هواِهو ڄاڻن پيا تہ هر ڳالهہ گذري، نيستيءَ جي چڪيءَ ۾ پيسجي ٿي وئي ۽ ان ڪري پيڙا جو پڻ اجايو آهي؟ ڇا، هو اها ڳالهہ اسان کان وڌيڪ چٽيءَ طرح ڄاڻن پيا تہ فناجي گرداب ۾ هر عذاب ۽ مسرت ڦيراٽيون کائي، گم ٿي وڃي ٿي. ڪشتيءَ کي ڊڪڻ ڊاهي تہ ڇا، ۽ ڪُن ۾ اُها وراڪا کائي، ٻڏي تہ ڇا! ڇا، اِنهيءَ ڪري مان ڇهہ ڀيرا هارٽ اٽيڪ مان بچي ويو آهيان. ڇوتہ مون ائين محسوس ڪيو تہ هارٽ اٽيڪ مون کي نہ، پر ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي ٿي آهي ۽ مان آڪيسجن ٽينٽ مان اُن جو تماشائي آهيان. اهو دکي انسان، جو سور ۾ تڙپي رهيو آهي ۽ ساهہ کڻي نہ ٿو سگهي، اُهو مان نہ آهيان، ٻيو ڪوئي آهي! پر جي ائين آهي، تہ مان ڇا آهيان؟ اِن سوال جو حل تلاش ڪندي، منهنجي ساري زندگي گُذري وئي آهي.

جيئن اطالوي شاعر ليوپارڊيءَ جي انقلابي گٽري بالڊيءَ سان دوستي هئي، ائين منهنجي جي. ايم. سيد سان هئي. هڪ ڀيري ڪراچيءَ ۾ مان هن جي گهر ويو هوس، ڇوتہ مون ٻڌو هو تہ هو ڏاڍو بيمار آهي، هو هڪ صندل تي غاليچي تي ويٺو هو. پير پري ڪري چيائين:"ويهہ!" پوءِ مون کي چڪي ڇاتيءَ سان لائي پڇيائين."ايازا ڇا، تون مون کان رُنو آهين؟" مون هن کي جواب ڏنو تہ"مان اوهان سان رُنو نہ آهيان. مان سياسي ماڻهو نہ رهيو آهيان.مان سياست ۾ پنهنجو زياده وقت ضايع نہ ڪندس. مان سنڌي ثقافت کي شعر و ادب جو لوڙهو ڏيڻ ٿو چاهيان. جو ڪوئي غَنيم پٽي نہ سگهي، جيئن لطيف ڏئي ويو هو ۽ ٽي سؤ سال ٿيا آهن تہ سنڌي ثقافت کي رُڪ جي ديوار آهي، جنهن کي نہ ڪوئي ڊاهي ٿو سگهي ۽ جنهن کي نہ ڪوئي پٽي سگهي ٿو. سنڌ جي ڌرتي ڪا رِلي نہ آهي تہ ڪوئي ويڙهي کڻي ويندو. تاريخ ۾ شعور کان برتر اهڙا عنصر (Imponderable factors) آهن، جن تي اوهان ڀروسو ڪري سگهو ٿا. مان اُنهن جا عالمي تاريخ مان سوين مثال ڏئي ٿو سگهان. مون ڪنهن ڊائريءَ ۾ لکيو هو تہ:

”مان پنهنجي آهني ارادي
جي سنگ لحد تي
مٿو رکي روئي رهيو آهيان،
۽ سَرءَ جي چانڊوڪي
منهنجن وارن تي
پنهنجو ٻاجهارو هٿ رکي
مون کي آٿت ڏئي رهي آهي.“

”مون کي منهنجيءَ گوشه نشينيءَ مان ٻاهر نہ ڪڍو ۽ ڇڏيو تہ پنهنجو ڪم پورو ڪريان، مان ڏينهن رات هڪ مخمور مصور وانگر لکندو آهيان.“

”مان سدائين سوچيندو رهيو آهيان تہ ڇا، مان دارا کي ننڊ مان اُٿاري، هن جي هٿ ۾ آبدار خنجر ڏئي چئي سگهندس، ”اُٿي! هي خنجر وٺ! پنهنجو پلئہ ڪر!“ نہ مان اهو ڪري نہ سگهندس. مان هر ست کي آبدار خنجر کان وڌيڪ تيز ڪرڻ ٿو چاهيان. اُها تاريخ سان پنهنجو پلئہ پاڻ ڪندي“

سائينءَ وٽان موٽندي، مون دل ۾ سوچيو ؟ڇا، اِڪويهين صدي ويهينءَ صديءَ کي حرفِ غلط وانگر مٽائي سگهندي؟ اي تاريخ، تون ڪڏهن ڦرندينءَ ۽ پنهنجو رت سان آلو دامن ڌوئندينءَ؟ ڇا، ايڏو تو وٽ ڌوٻي گهاٽ آهي؟“

مون کي ياد ٿو اچي اُهو سنڌي، جنهن سان منهنجي مُلاقات ربانيءَ ڪرائي هئي. هو ڍاڪا ۾ ”واچ ائنڊ وارڊ“ ۾ ملازم هو ۽ هن جي زال بنگالڻ هئي. هو فوجي هيڊ ڪُوارٽر جي ڀرسان رهندو هو. جڏهن بنگالي ۽ بهاري هڪٻئي جي رتوڇاڻ ڪندا هئا، تڏهن هو پنهنجي ساهري گهر کي بهارين کان بچائيندو هو ڇو تہ اولهہ پاڪستان جو هو ۽ صاف اُردو ڳالهائيندو هو. جڏهن مُڪتي باهنيءَ وارا ڍاڪا ۾ پيهي آيا ۽ ميرپور ۽ محمدپور واري علائقي ۾ بهارين جو ڪوس ڪيائون، تڏهن هُن جي زال ۽ هن جي خاندان کيس بهارين کان بچايو. هُن جيڪي واقعا ٻڌايا، اُنهن منهنجي لونءَ لونءَ ڪانڊاري ڇڏي. هڪ ڏينهن هڪ ڪئپٽن هن کي جيپ ۾ وٺي هليو. رستي تي هن ڏٺو تہ هڪ غريب بنگالي ڇوڪري بالڪنيءَ ۾ ٽنگيل رسيءَ تي پنهنجي تازي ڌوتل ساڙهي سُڪائي رهي هئي. ڪئپٽن رائيفل ۾ گولي ڀري هُن کي نرڙ تي هنئي. هوءَ ساڙهيءَ سوڌي ٻٽڪو ڪري ڪنهن آڙيءَ وانگر اچي زمين تي ڪِري ۽ٻئي ڀيري هو پنهنجي بنگالي زال سان پنڌ گُهمي رهيو

هو. ٻنهي کي شلوار قميص پيل هُئي ۽ ڪين خطرو محسوس نہ ٿي ٿيو. هن رستي تي بہ زخمي بنگالي ڏٺا، جن جا مٿا پاڪستان جا سپاهي چٿي رهيا هئا. جڏهن مڪتي باهنيءَ زور ورتو تڏهن بهارين کي ميرپور ۽ محمدپور پاڙن ۾ ٻوساٽي ماريائون. شل نہ مظلوم ظالم کان ڏاڍو ٿئي! پوءِ هو ظالم کان وڌيڪ ظالم ثابت ٿو ٿئي.

يتائيءَ لکيو آهي تہ "ٻڏندي ٻوڙن ۾ ڪي هاٿڪ هَٿ وجهن." اُن سٽ ۾ "هاٿڪ" جي معنيٰ ڇا آهي، اُها تہ يتائي تو ڄاڻي. مون چيو ٿي تہ خودڪشيءَ جهڙي ڪيفيت مان مون کي شراب نوشيءَ ۽ ڪميونزم ڪڍي ورتو نہ تہ هن مهل تائين منهنجا هڏا بہ پچي پُري وڃن ها.

❊ ❊ ❊ ❊

هاڻي مان گهڻو اصل موضوع تان هٽي ويو آهيان. سو پيرائتي ڳالهہ ٿو ڪريان:

مون وٽ وڪالت جي سَند وٺڻ لاءِ پنج سَئو رپيا ڪونہ هئا. مان سيڪريٽريٽ ۾ نوڪريءَ وقت رشوت ڪونہ وٺندو هوس ۽ کاڌي پيتي لاءِ پيسا مَس پورا ٿيندا هئا. هڪ ڀيري مان مرينا بار ۾ بوتل بيئر جي گُهرائي، ۽ چاڪاڻ جو بار ۾ فقط هڪ ميز تي هڪ ڪرسي خالي هئي ۽ باقي ڪُرسين تي ٻيا بہ ماڻهو ويٺا هئا، جي خود بہ بيئر پي رهيا هئا. اُنهن ۾ هڪ اشرف هو ۽ ٻيو ٻچيءَ ڏاڙهيءَ سان شاعر "ساحل" بلگرامي، جو ڪارڙي تتر وانگر ٻولي رهيو هو ۽ اشرف کي پنهنجو نئون غزل ٻڌائي رهيو هو. اشرف هڪ سانورو خوبصورت جوان هو جنهن کي هڪ ڳِٽي ۾ پياري کَڏُ پوندي هئي_ ڦڙت، سنئون سنڌو تيز تڪڙو ۽ ياررويس شخص هو. مون هن جي هڪ شعر کي دُرست ڪيو تہ ٻئي حيران ٿي ويا. اشرف پڇيو: "تون سنڌي آهين. توکي اُردوءَ تي ايتري مهارت حاصل ٿي، جو اُردوءَ جي تلامذهء "داغ" دهلويءَ جي چُڪ ٿو ڪڍين؟" ائين ڳالهيون ڪندي اسين دوست ٿي وياسين. هُن ٽنهي لاءِ بيئر جون ٽي بوتلون، تريل ٻُڪيون ۽ پٽيل جون روٽيون گهرايون، ۽ ٻئي ڏينهن بہ ساڳيءَ بار ۾ دعوت ڪيائين. مون کي گهڻو پوءِ خبر پئي تہ اشرف ڦڪڙ هو ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪا پرمٽ هٿ ڪري ٽيرهين سوين رُپين وڪي هئائين. هن زال کي بہ سو رپيا ڏنا، باقي پيسا پنهنجي ناؤنوش لاءِ رکيا هئا. (تن ڏينهن ۾ بيئر جي بوتل سوا رُپئي ملندي

هئي.) ٻئي ڏينهن تي شام جو هن اسڪاچ وسڪيءَ جو آڌيو گهرايو. هو هفتو سانده اسان تي مرينا بار ۾ خرچ ڪندو رهيو. ۽ جڏهن مون ڪيس اُردوءَ ۾ پنهنجا نظم ٻڌايا تہ گلاب وانگر شگفتہ ٿي پيو. پوءِ مان هُن کان موڪلائي، هفتي کان پوءِ ساٽس ساڳيءَ بار ۾ ملڻ جو وعدو ڪري، شڪارپور هليو ويس.

مون اُتي زرينا جي مامي واجد علي شيخ کي چيو تہ "مان اجايو وقت وڃائي رهيو آهيان. مون کي ڇهہ سئو رپيا اُڌارا ڏيو ۽ منهنجيءَ زمين جي فصل مان هر سال تي سو رُپيا وصول ڪجو. فراخدل انسان هو ۽ مون کي پيسا اُڌارا ڏنائين. مان امان وٽ پنج ڇهہ ڏينهن رهيس. هن کي تي چار سَئو بچيا هئا. مون هن کي چيو تہ "فڪر نہ ڪر امان! مان توکي ايترا پيسا موڪليندس، جو ڳڻي بہ نہ سگهندينءَ." سَئو رپيا تہ سفر ۾ خرچ ٿي ويا، تن ڏينهن ۾ هر ٽرين ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ بيئر ملندو هو. ڪراچيءَ پهچي، مون پنج سو رپيا اشرف وٽ اُڌارا رکيا ۽ کيس چيم، "هونئن متان ڪو شاهينگ ڪيسي مان ڪڍي نہ وڃي!" اشرف مون کي روز پياريندو ۽ کارائيندو هو ۽ منهنجي اُردو شاعري ٻُڌندو هو. مون کي خبر نہ هئي تہ هو ڪو منهنجا ئي پنج سئو ٿو مون تي خرچ ڪري، هو مون کي ٻڌائيندو هو تہ ڪيئن ڪريٽ بيئر جو فيض کي، ڪريٽ جوش کي ۽ ڪريٽ اسرارالحق "مجاز" کي وٺي ڏنو هئائين. اِن وچ ۾ مون کي محمد ابراهيم جويي کان معلوم ٿيو تہ منهنجي پراڻي دوست جمال صديقيءَ ڪورٽ چيمبر ۾ آفيس کولي آهي. مان هن وٽ ويس تہ هن چيو تہ "مون وٽ رينٽ ڪنٽرولر جا ٽي سئو ڪيسَ جمع ٿي ويا آهن. تون يڪدم سند وٽ. رينٽ ڪنٽرولر تنهنجو ڪلاس فيلو منصب صديقي، شڪاپور جو آهي، ۽ آغا غلام نبي خان، اسپيڪر سنڌ اسيمبليءَ، نوڪري وٺي ڏني اٿس. رينٽ ڪنٽرول ائڪٽ تمام سولو آهي، ۽ تون هڪ ڏينهن ۾ سمجهي ويندين."

مون اشرف کان بہ پيرا پيسا گهريا پر هن چيو "ڪجهہ ترس، جيستائين مان تقدير جي ڳنڍ کپيان!" پنڌرنهن ڏينهن کان پوءِ هن مون کي پيسا ڏئي چيو تہ "يار، معاف ڪجانءِ، منهنجي ڪيسي ۾ پيسو سوئر جي هڏي وانگر چبندو آهي. تو وارا پيسا تہ مرينا بار جي نذر ٿي ويا."

مون مُرڪي هن کي چيو "هاڻي هي ڪِٿان آندءِ؟"

هن مون کي پنهنجو ڪارڊ ڏئي چيو "هَن اَئڊريس تي، بندر روڊ تي، بولٽن مارڪيٽ پرسان مون سان ملجانءِ!"

ٻئي ڏينهن تي مون پهرين سَنَدَ ورتي، ۽ پوءِ جمال وٽ ويس. ۽ هُن کي اهو اطلاع ڏئي اشرف وٽ ويس. اشرف ڏاڍي نٽ سان روالونگ چيئر ۾ فائيو فائيو فائيو جو سگريٽ پي رهيو هو. هن روالونگ چيئر ٿوري ڦيرائي ۽ ائش ٽري ۾ سگريٽ جو ڦلو ڇاڻيو. سگريٽن جو پورو دٻو هن جي ميز تي رکيو هو. مون چوڌاري ڏٺو تہ مون کي سوين خوبصورت شين جا سيمپل شيشي جي الماريِن ۾ رکيل نظر آيا ۽ دوائن جو وڏو اِستاڪ بہ هو. ڪُرسي ٿوري ڦيرائي، سگريٽ جو گهرو ڪش هڻي، چيائين، "هيءَ آفيس منهنجي هڪ هندو دوست جي آهي، جنهن کي سيفتي ايڪٽ ۾ گرفتار ڪيو اٿائون. گرفتاريءَ کان اڳ هُن چاهي مون کي ڏئي چيو هو تہ ان جي سنڀال رکجانءِ. مان ڀانيان ٿو تہ هن کي ملڪ بدر ڪرڻ جا آرڊر نڪري چڪا آهن. گرفتاريءَ کان اڳ مان هن وٽ ويندو هوس. هاڻي بہ سامان سوڌا اِن آفيس لاءِ پنجاهہ هزار ٿا ملن.هفتي کان پوءِ منهنجو دوست نهروءَ جي ديس جون سوشلسٽ هوائون ڪائيندو ۽ مان ۽ تون مرينا ۾ جامِ صحت نوش ڪنداسين.پر في الحال مان هيءَ آفيس نہ ٿو وڪڻان، ڇو تہ هڪ هندوءَ (نالو وسري ٿو وڃي، شايد "ڇڳاڻي" نالو ورتو هئائين) جي پراڻي آئنگلو انڊين يارِ هتي خوبصورت اِميٽيشن هارَن، ٻُندن،پائوڊرن ۽ سينٽن جا سمپل ڪٺڙ ايندي آهي.جي مان ڪيس تحفي طور ڏيندو آهيان. مان ڀانيان ٿو تہ بلبل قفس ۾ اڄ نہ ڦاٿي تہ سڀاڻي ڦاسندي"

مارگريٽ سان اشرف جي عشق جو مايوس ڪُن احوال مان ٻئي ڀاڱي ۾ لکي چڪو آهيان. اُها آفيس پوءِ اشرف سٺ هزارن ۾ وڪي، ۽ بار بدلايائين. روز اسين بيچ لگزري هوٽل ۾ وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ ويندا هئاسين. سفارت ڪار صمد شاهين ۽ هن جي افسانہ نويس زال ممتاز شيرين سان اڪثر ملندا هئاسين، جتي هو بہ پيئڻ لاءِ ايندا هئا. ممتاز شيرين جي اُردو افساني تي ڪافي دسترس هُئي، پر هوءَ وهيءَ کان مُڙي چُڪي هئي، ۽ ايتري خوبصورت نہ هُئي. هڪ اُردو رسالي ۾ مون هن جو فوٽو ڏٺو هو، جنهن ۾ هوءَ اڇي ڪنول جي گل وانگر ٿي لڳي. قرآة العين حيدر وانگر فقط هن جو فوٽو دلفريب هو.

اشرف پيسا پاڻيءَ وانگر خرچ ڪندو هو. بيچ لگزري هوٽل ۾ هن جا ڪافي آفيسر ۽ سينيون واقف ٿي ويا هئا. هن کي پيسي ناهڻ جو گُر هو. مان اِن ڳالهہ تي وڌيڪ نہ ٿو لکان، ڇو تہ هو گذاري ويو آهي. مون سکر ۾ هڪ اُردو اخبار ۾ پڙهيو هو تہ اشرف جيئن ڪياماڙيءَ کان اچي رهيو هو، تيئن هڪ تيز رفتار بس هُن کي چٿي ڇڏيو هو. اُن وقت ئي مون کي شڪ پيو هو تہ اهو ساڳيو اشرف هو سيمينس بار (Seamens Bar) مان موٽي رهيو هو. مون سان منهنجو دوست مُونس گڏ هو جڏهن مون هُن سان پنهنجي اِن شڪ جو اظهار ڪيو هو تہ مونس چيو هو "يار، تون تہ وهمي آهين، پاڪستان ۾ هزارين اشرف آهن." جڏهن سکر مان ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ ويو هوس تہ ڪافي هائوس ۾ خبر پئي هئي تہ اُهو ساڳيو اشرف هو. هاڻي، مون کي پڪي ثابتي بہ آخر ڪهڙي هئي؟ تہ هو مون سان گڏ پيئندو هو ۽ مون کي اُردو شاعريءَ لاءِ اُتساهڻ وارو هو!

اب یادِ رفتگاں کی بھی ہمت نہیں رہی
یاروں نے کتنی دور بسائی ہیں بستیاں.

❊ ❊ ❊ ❊

مون ڳالهہ تي ڪٿي اُن ڏينهن جي جڏهن مون وڪالت جي سَند وَرتي هئي، مان يادگيرين جي تهہ خاني جو قلف کوليان ٿو:

جمال صديقي ۽ عبدالقادر مطلباڻي منهنجا ننڍي هوندي جا همراز هئا. اسان ٽَئي شڪارپور جي چانڊوڪي راتين جا رولاڪ هوندا هئاسين ۽ هڪ بجي رات تائين اُهي پڙاوَ ڏسندا هئاسين، جي خانہ بدوش رستم ڏاڻهن ويندڙ رستي پرسان هڻندا هئا. هو خيما هڻندا هئا، جن ۾ ڪافي دير تائين خوبصورت عورتون باهيون ٻاري مانيون پچائيندڙيون هيون. اسين ڪافي پنڌ ڪري، ذري گهٽ رستم تائين وڃي، موٽي ايندا هئاسين. اسان جو ٽوٽون همسفر چنڊ هوندو هو. مون کي خوبصورت عورت چنڊ وانگر لڳندي آهي ۽ چنڊ خوبصور عورت وانگر لڳندو آهي.* پيريءَ اِنهيءَ لونءَ لڳاءَ ۾ ڦيرو نہ آندو آهي. ٻَئي هڪٻئي جيترا پائدار آهن بہ ۽ ناهن بہ. ناپائداريءَ

* هتي بہ اياز نئين پاڻ جون ڳالهيون ورجايون آهن، جيڪي سندس شعور جي وهڪري ۾ لکيل تحرير جو حسن آهي. (ت.ج)

جي باوجود حسن اُن ازلي حقيقت جي جهلڪ آهي، جا اَزل کان ڇوليون ماري رهي آهي. اسين هڪٻئي کي پنهنجون محبتون ٻڌائيندا هئاسين. عشق جي باري ۾ تنهي جو نظريو ساڳيو هو. فاني هوندي لافاني، ثاني هوندي لاثاني. ڪنهن جي ڳُٽي تي لڙڪندڙ لَٽَ ڏسي، اسان تي زنجير پئجي ويندا هئا، ۽ ڪنهن جا ڳاڙها ڳَل ڏسي اکيون آڙجي ويندڙيون هيوسين. غالب جو شعر ياد ايندو هو:

يہ پری چہرہ لوگ کیسے ہیں
غمزہ و عشوہ و ادا کیا ہے

مون شڪاپور ۾ ڪوه قاف جي پرين جهڙا چهرا ڏٺا. جو بہ اُنهن جي سڏ تي ويو، وري نہ موٽيو. شڪارپور جي ڌرتي پيار جي اَمر ڪهاڻي آهي، جا ڪُٿِي نہ ڪُٿِي آهي. اُن جي ڪُنبَ تي روحَ اچا اُجرا ٿي نڪرندا هئا ۽ ڪوهہ جي تازي پاڻيءَ وانگر لڳندا هئا.

جمال جو چاچو محمد دائم صديقي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو سيڪريٽري هو. انڪري جمال مون کان اڳ ڪراچيءَ هليو ويو هو. اُهو دؤر منهنجو حقيقت کان نفرت ۽ فرار وارو دؤر هو. تاريخَ مون کان شعر وادب جو سرمايو هڪ اَروڪ ڦوروءَ وانگر ڦري ورتو. اهڙيءَ ڪيفيت ۾ عورت جي آغوش کان سوا ہي ڪائي راه نجات نہ آهي ۽ شراب نوشي، خود فراموشيءَ جو بهترين ذريعو آهي.

جمال، محمد ابراهيم جويي جو بہ دوست هو پر جويي وانگر تاريخ هن کي ڏنڀ نہ ڏنا هئا ۽ هن کي ڪنهن مرهم جي ضرورت هئي. هو سير براءِ سير جو قائل هو. ها، ڪجهہ ماورائيت جي ڪيفيت هن ۾ بہ هوندي هئي. هو ڇهين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندي، جوڳين سان گڏ هنگلاج هليو ويو هو. جوڳي ڳَن ڳَٽ، ڪاپٽ ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن چير، هئا، جن کي پٽرن جون مالهائون پيون هيون ۽ جن جي چِڳن تي صدين جو چيڙهہ هو. اُنهن مان ڪي هندي ڄاڻندا ها، ڪي هنديءَ سان گڏ فارسي بہ ڄاڻندا هئا. جمال ٻڌايو تہ پاڻ سان گڏ قلم ۽ نوٽ بُڪ بہ کڻي هليو هو ۽ سفر جي باري ۾ نوٽ ورتا هئائين. اُنهن ڏينهن ۾ پيرومل مهرچند جي ”سير لطيف“ جو هن تي اثر هو. هو چاچي جي گهر ۾ سولجر بزار ۾ رهندو هو. جتي هُن اُهو نوٽ بُڪ مون کي ڏيکاريو هو. اُن ۾ ڪاپڙين ڪجهہ ڳِجَّت ڪبير جا دوها لکيا هئا.

سمرن کا بل جوتئے، بیجا نام جمائے
کنڈ برہمنڈ سوکا پڑے، تہوں نہ نسفل جائے

[خدا جي ياد جو هَرُ ۽ هن جي نانوَ جو ٻج ڇٽ
کنڊُ برهمانڊ پلي سُڪي وڃي، تُنهنجي (جندڙي) نسڦل (اَڪارٿ) نہ ٿيندي]

کبیر کا گھر سکر پر، جہاں سلھلی گیل
پان نہ ٹکے پپیل کا، پنڈت لادی بیل

(ڪبير جو گهر چوٽيءَ تي آهي، جنهن جي ڏگ ۾ ايتري ترڪڻ آهي جو ڪِئليءَ جو پير ٽِڪي نہ سگهي، پنڊت ڏانڊُ لڏي رهيو آهي!)

سنڌي لپيءَ ۾ اهڙا ڪيئي دوها ۽ ڪجهہ پارسيءَ جا شعر لکي ڏنا هئائونس:

عاشق ہم از اسلام خراب ست وہم از کفر
پروانہ چراغ حرم و دیر نہ داند

(عاشق کي اسلام بہ خراب ڪري ٿو ۽ ڪُفر بہ خراب ڪري ٿو. پروانو اهو نہ ٿو ڏسي تہ هي چراغ مسجد جو آهي يا مندر جو آهي.)

در حیرتم کہ دشمنیء کفر و دین کجاست
از یک چراغ کعبہ و بتخانہ روشن است

(اهو سوچي، حيرت ۾ آهيان تہ ڪفر ۽ دين جي دشمني ڪٿي؟ هڪ ئي چراغ سان تہ ڪعبو ۽ بتخانو روشن آهن.)

مون ٿورو ڪجهہ اُن نوٽ بُڪ تان اُتاري اچي گهر رکي ڇڏيو هو. ورهين کان پوءِ اُهو لڌو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ ڪبير هڪ وحدت پرست شاعر هو. باقي جيستائين پارسي شعرن جو سوال آهي تہ ملان چوندا تہ اِهي معرفت جا مسئلا آهن، تون پهرين شريعت جي راهہ تي تہ هَل!

جمال چيو تہ ”اُن وقت مون جڻ دنيا کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو ۽ سوچيو هو تہ سڄي عمر انهن رمتن سان گذاري ڇڏيندس. مان ۽ منهنجا ساٿي ڪاپڙي ڪجهہ ڀڳڙا ڪائي پيٽ ڀريندا هئا ۽ رام نام جپيندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن مان اوچن درختن جي ڇانو ۾ پاٽيءَ جي نهر کان ڪجهہ پنڌ تي ننڊ ۾ اَلوٽ هوس تہ ڪنهن اچي مون کي جاڳايو. مون ڏٺو تہ ڪجهہ پوليس

وارا هئا. جي منهنجي چاچي، منهنجي اغوا جي ايف. آءِ. آر لکائي، موڪليا هئا. هنن سيني ڪاپڙين کي مارڪُٽ ڪئي ۽ مون کي ڪٽي ڪراچيءَ اچي نڪتا.“ جمال وڏيڪ چيو تہ ”مون کي ڪبير جا دوها ۽ فارسيءَ جا شعر پورا سمجھہ ۾ نہ ٿي آيا، پر جڏهن اهي ڳاتا ٿي ويا، تڏهن من کي ڏاڍو ڏِير ٿي ڏنائون.“ اُهي دوها، جي عربي رسم الخط ۾ لکيا ويا هئا، پنهنجي ڪنهن هندو دوست کان پڙهايا هئائين، جنهن کي هنديءَ ٻوليءَ تي ڪافي عبور هو ۽ اُنهيءَ متين معنيٰ ٻُڌائي هُيَس. هن هندي ڊڪشنري ڏسي ٻڌايو هو تہ ”پيپيل“ ڪِئليءَ کي چوندا آهن. هو جڏهن ڪراچيءَ موٽي آيو هو تہ ڪراچي هن کي اجنبي لڳي هئي. پر پوءِ دنياداريءَ ۾ جمال مان اڳين هُرڪُر، اُها اُڻ تُڻ، اُها آنڌ مانڌ ختم ٿي چُڪي هئي. هو فل سوٽ پائيندو هو ڪِلين شيو هوندو هو ۽ خوبصورت لڳندو هو. هن کي اڪ ڀيڄڻ جي دير هئي، رَن ”بوبڪ جي ڳيريءَ“ وانگر اچي ٻَٽڪو ڪندي هئي. اُهو هو جمال تارڪ الدنيا، جو هاڻي تارڪ العقبيٰ ٿي چُڪو هو ۽ هن جي زندگي ڏسي ڪُسانووا کي بہ ريس اچي ها.

❊ ❊ ❊ ❊

وري يادگيرين جي تهخاني جو قلف کوليان ٿو. 1948ع جي ڳالهہ آهي. ڪراچيءَ مان گهڻا هندو لڏي ويا هئا ۽ باقي بہ لڏي رهيا هئا، جن ۾ ڪجھہ منهنجا دوست بہ هئا. ارجن شاد اڳي لڏي چڪو هو ۽ پنهنجي لاءِ هن جي ماءُ جي سڪ جي باري ۾ مان اڳي لکي چڪو آهيان. ڪيرت مون سان الوداعي پاڪر پائڻ لاءِ منهنجي آفيس ۾ آيو هو. هو پوريءَ انسان ذات جي برادريءَ ۾ اعتبار ڪندو هو جنهن ٻئي هر ڪميونسٽ وانگر پاڪستان جي آجيان ڪئي هئي. حالات کي ابتر ڏسي، جلاوطني مجبوراً قبول ڪئي هئائين. منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا ۽ هن جي موڪلائڻ کان پوءِ مان ڪنهن ٻار وانگر ڏُڊڪرا ڏئي روئڻ لڳو هوس ۽ جمال مون کي دلاسا ڏئي ٿڪجي پيو هو. پراڻي پرخلوص دوست جهڙي دنيا ۾ ڪا اُملهہ وٿ نہ آهي، مون کي سوڀي جي ڪتاب (وڏي وٿَ هيام) جو نالو ٿو ياد اچي، جنهن تي مون مهاڳ لکيو آهي. ڪٿي آهي مِني، ڪٿي آهي مَنُو ڪٿي آهي سرسوتي، چمپا ۽ ديا! مهاجرن جا قافلا سيلاب وانگر اچي رهيا هئا، گهر ٻار، مال مڏي ڇڏي، مانُ مريادا، عزتون ۽ عصمتون لُٽائي، پنهنجي پنهنجي جان

بچائي، ڪراچيءَ اچي رهيا هئا. سنڌ تہ ڪا خاص خونريزي نہ ڏٺي هئي. هي رت جا درياهہ پار ڪري ڪنهن سراب ڏانهن ڊوڙيا هئا.

مهاجر ٻن قسمن جا هئا: هڪ تہ اُهي، جي تن تي هڪ جوڙو پائي، سيڪجهہ ڪَسائي آيا هئا ۽ ٻيا ڪي رت پياڪ. شايد اُنهيءَ دؤر ۾ جگر مراد آباديءَ چيو هو:

فکر جمیل خواب پریشاں ہے آجکل
شاعر نہیں ہے وہ جو غزل خواں ہے آجکل

هن ساري عمر غزل خواني ڪئي هئي.

ڇانہ انساني زندگيءَ جو الميو!

تعصبي ۽ دغاباز فريبي ۽ مڪار جن کي ڏن دولت جي لالچ ڇڪي آئي هئي. اُن وقت هڪ لطيفو عام هو تہ هڪ ڪروڙ پتي مهاجر ٻئي ڪروڙ پتي مهاجر کان سڱ گهريو تہ پوئين مهاجر ڪيس چيو تہ ”هندستان ۾ تون حجام هئين، مان توکي سڱ نہ ڏيندس.“ ان تي پهرئين مهاجر جواب ڏنس تہ ”مان بہ تنهجي اصل نسل کي سڃاڻان. تون بہ اتي ”ڪان۔ مَليا“ (ڪن جي مر ڪيندڙ) هئين.“ پوءِ ٻئي ٺهي ويا. آيل ۽ ويٺل مسلمان داداگير متروڪ جائداد جي ڪاروبار ۾ شريڪ هئا. هو هندن جي دڪانن ۽ مڪانن تي لڳل تالاڀڃي، اُنهن تي قبضو ڪري، اُهي ڳريءَ پڳڙيءَ تي وڪڻي رهيا هئا، ۽ جعلي دستاويز لکارائي، اُنهن تي جعلي صحيحون ڪرائي، پاڻ ئي اُنهن تي شاهدن جي حيثيت ۾ صحيحون ڪيائون. رجسٽرار جي آفيس ۾ حصو پتي ڏئي، دستاويز ورهاڱي کان اڳ جي تاريخ جا رجسٽر ڪيا ويندا هئا. جعلي مهرون، جعلي دستخط، جعلي اسٽامپ پيپر عام واهپي ۾ هئا. جنهن کي جيڪو مالِ غنيمت هٿ آيو اُهو هُن کي ڦٻي ويو. شريف ماڻهو سيڪجهہ لٽائي آيا. حريف ماڻهو ڪروڙ پتي بڻجي ويا. ڪوئي قانون نہ هو. ڪائي ايف. آءِ. آر نہ لکي ويندي هئي، جنهن جي جاءِ ڦٻائڻي هوندي هئي ۽ ملڪيت لٽڻي هوندي هئي، اُن متعلق آفيسرن سان ساز باز ڪري، مڪان يا دڪان جي مالڪ کي سيفٽي ايڪٽ هيٺ مُلڪ بدر ڪيو ويندو هو. چوڌاري طوائف الملوڪي هئي، ڪنهن جي داد رسيءَ وارو ڪوئي نہ هو. فقط مسجدن ۾ لائوڊاسپيڪرن تي، سربفلڪ انهن جون صدائون اينديون هيون. رپورٽ داخل نہ ڪئي ويندي هئي. فقط فرياديءَ کان جوابدار جو نالو ۽

ائڊريس پڇندا هئا ۽ پوءِ هن کي ٽاٽي تي گهرائي، هن کان پيسا وٺي هن کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ جنهن پئسا نہ ڏنا، اُنهيءَ تي ڪنهن ٽائوٽ کان رپورٽ لکارائي، اُنهيءَ کي گرفتار ڪندا هئا. خالقڏني هال ۾ مهاجرن سوين ڪبوتر چرَن وارين بندوقن سان ماري کاڌا، ڇوتہ اُهي حلال هئا، دراصل سارو معصوم رت سرحد جي هِن پار يا هُن پار حلال هو. هندستان ۾ لڏي آيلن تيمورلنگ ۽ نادر شاهہ جي دؤر کان وٺي 1857ع تائين ڪيئي "شهر آشوب" ڏٺا هئا ۽ شاعرن انهن تي مسدس لکيا هئا، ۽ اهي اهڙن دل ڏاريندڙ ۽ لوں ڪانڊاريندڙ حادثن تي هريل هئا. اسان کان نادرشاهہ، مدد خان ۽ نٽي جي بازار کي ٻوچوگيزن جون ڏنل باهيون وسري چُڪيون هيون. ان ڪري اسان کي تاريخ جي ڇؤڏول ۾ پانواتي اچي رهي هئي. موت تي نظرون، موت جون خبرون، جن سان اخبارون ڀريل هيون، اسان جي زندگيءَ جو معمول ٿي چُڪيون هيون. مان اشرف سان هڪ بجي تائين شراب پي جيستائين گهر موٽي، ايندو هوس، تيستائين ننڊ ۾ منهنجا ڇپر ڳؤرا ٿي ويندا هئا ۽ بستري تي ليٽي خواب جي آغوش ۾ هليو ويندو هوس.

هڪ ڀيري مون سرسوتيءَ کي سپني ۾ ڏٺو هوءَ مون سان مٽرڪ ۾ پڙهندي هئي، شڪارپور ۾ هن جو گهر سُکي تلاءَ کان ڪاسائي محلي ڏانهن ويندي، رستي ۾ پوندو هو. ڪٽڪ رنگي، قد ڪاٺ جي پوري ساري، بالڪنيءَ ۾ منهنجي ديدار لاءِ ويٺي هوندي هئي. هن ننڊ ۾ مون کان پڇيو تہ "سرسوتي ڪنهن کي چوندا آهن؟" "هائو" مون جواب ڏنو. "سنگيت جي ديويءَ کي؟" "پوءِ تو مون کي وساري ڇو ڇڏيو آهي، ڇاڻين ٿو تہ مان ٽُنهنجو تون آهيان، تون پاڻ کي وساري رهيو آهين، ڇا تون مون کان سوا زندگي گذاري سگهندين؟"

❊ ❊ ❊ ❊

اشرف جا اٺ هزار کپي چُڪا هئا، باقي ٻاونجاهہ هزار بئنڪ جي حبسِ بيجا ۾ هئا. هڪ ڀيري هو بيچ لگزري هوٽل ۾ نہ هليو ۽ مرينا بار ۾ مون کي بيئر جون ٻہ بوتلون پيئاري چيائين: "هل تہ اڄ ڪوثر جي ڪناري تي گهُمي ڦِري اچون." هو مون کي نيپئر روڊ تي رقاصہ خوشنوديءَ جي ڪوٺي تي وٺي هليو ۽ چيائين تہ ڪنهن وقت هيءَ نواب رامپور جي محبوبہ هئي! هوءَ گل اندام هئي، رقص ۾ هن جي ڪمر بيدِ مجنونءَ جي ٽاريءَ وانگر

تي لڳي، ڪنهن اُردو شاعر جي محبوبہ جي ڪمر وانگر معدوم ٿي ٿي وئي ۽ ڳولئي نہ ٿي لڌي. هن کي گلاب جي مُکڙيءَ جهڙا چپ هئا ۽ فارسي شاعر جي مبالغي آميز تصور وانگر اُن ۾ چُمي ماپي سگهي ها يا نہ! اشرف وڏيڪ چيو تہ "خوشنودي اُردوءَ جي چڱي شاعره آهي ۽ هن وٽ هند جي ثقافت جو ذخيرو آهي، اُن جو دروازو کوليندين تہ حيرت ۾ رهجي ويندين. هُن خوشنوديءَ کي پنج سئو رُپيا ڏئي چيو تہ "اڄ رات هي تو وٽ منهنجو مهمان آهي. هن کي ٻيو سئو رپيو ڏئي چيائين تہ هن جي خورد ونوش جو پورو انتظام ڪجانءِ! مان تو وٽ جوان مرد ٿو ڇڏي وڃان، نواب رامپور تہ مخنث هو." ائين چئي، مون کي مخاطب ٿي چيائين، "مان اڄ رات زال سان شب عروسي ٻيهر ٿو منايان. هن لاءِ موتئي جا جُوڙا ۽ هار ٿو وٺي وڃان ۽ سُٺي ۾ سُنا رس گلا ۽ گلاب جامن، ڪباب ۽ نان وٺي ٿو وڃان، جي هن کي ڏاڍا وڻندا آهن. تون عيش ڪر، توکي ڪافي ٻُک لڳي هوندي" مون اشرف کي چيو "ايترا پئسا ڇو ٿو وڃائين؟ منهنجين اکين هن جو ذائقو چکي ورتو. اُهو ڪافي آهي." هن جواب ڏنو "اياز سياڻي بڻنڪ ڪُتي وڃي تہ؟ پئسا نادان ڪٺا ڪندا آهن." پوءِ هن نظير اڪبر آباديءَ جي هڪ سٽ دُهرائي:

گر مرد ہے تو عاشق کوڑے نہ رکھ کفن کو

اشرف جيتري فراخدليءَ سان پوريءَ زندگيءَ ۾ ڪوئي شخص مون سان نہ هليو آهي. شايد اشرف ۽ اَشرفيءَ جو ڪوئي ناتو آهي!

خوشنوديءَ مون لاءِ اڌ بوتل اسڪاچ جي ۽ نان ۽ ڪباب گهرايا. آلاجي سارو وقت مون کي "مير" جو شعر ڇو ياد آيو:

ناحق ہم مجبوروں پر یہ تہمت ہے مختاری کی
کرتے ہیں جو آپ کرے ہیں ہم کو عبث بدنام کیا!

ياد کي عقاب جا پر ٿيندا آهن، هڪ اُڏار ۾ ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهچندي آهي.

هاڻي مان جمال سان گڏ وڪالت تي ٿو اچان. ڪورٽ چيمبر پهرينءَ منزل تي پرينءَ ڪنڊ ۾ اسان جي آفيس هئي، اُن کان پوءِ عبدالحي قريشيءَ جي، جو پوءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿي رٽائر ٿيو اُن کان پوءِ اي ڪي بروهيءَ جي، ۽ اُن کان پوءِ نورالعارفين جي، جو پوءِ ايم. پي. اي ٿيو.

اُن کان پوءِ هاشم رضا، ڪمشنر ڪراچيءَ ۽ ڪاظم رضا ڊي. آئي. جي ڪراچيءَ جي ڪنهن ڀاءُ علي رضا وڪيل جي آفيس هئي. هو دقيانوسي طرز جو غزل گو شاعر بہ هو. ڪجهہ سال اڳ مون هُن جو ڇپيل مجموعہ ڪلام ڏٺو هو. پهرين ٻن جي باري ۾ "نمڪدان" جي ايڊيٽر مجيد لاهوريءَ جو شعر هو:

کاظم رضا کے ساتھ نہ ہاشم رضا کے ساتھ
اے دل معاملہ ہے تجھے اب خدا کے ساتھ

ڪجهہ وقت کان پوءِ مجيد لاهوري، جو ڏاڍو موٽو هو سچ پچ هارٽ اٽئڪ ۾ مري ويو. هن ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ پنهنجي رسالي "نمڪدان" ۾ سنڌ ۾ اُردوءَ تي طنز ڪري، هڪ شعر لکيو هو:

"پان میں چونا جاتی مارو"

هڪ ڀيري اشرف ۽ مان بولٽن مارڪيٽ جي ميوي بازار مان ٻہ وڏا پپيتا ورتا. اُن ڏينهن اشرف مون کي چيو تہ مارڪيٽ پرسان هوءَ مجيد لاهوريءَ جي فليٽ آهي، هَلُ تہ اُتي هلون، ٻہ ٽي لطيفا ٻُڌون، سياسي تفريح ٿي ويندي. اسان هڪ ٻجي اُتي پهتاسين، مجيد فليٽ جو دروازو کوليو هُن جو نغاري جيڏو پيٽ ۽ پاٽ جيڏو منهن هو. هن رڳو چيو تہ "مان سڄي زندگي ٻہ پهريءَ جو ٻي وڳين ننڊ مان اُٿيو آهيان. رڳو هڪ ڀيري راويءَ جي ڪناري اٺين وڳي جاڳ ٿي، ڇو تہ مون خوفناڪ خواب ڏٺو هو." پوءِ منهنجي هٿ مان پپيتا کَسي، پئڪيٽ ۾ ڏنائين ۽ پئڪيٽ ڪٽ تي رکي پنهنجي پيٽ تي هٿ هڻي چيائين تہ "اهي پپيتا هي پيٽ کائيندو. تنهنجو پيٽ تہ مجنونءَ جهڙو آهي. ڪهڙيءَ ليليٰ سان عشق ڪيو آٿي!" پوءِ منهنجي ۽ اشرف جي ڳچين ۾ ڪٽ جي پاون جيڏيون ڳوريون ٻانهون وجهي چيائين، "يار معافي ٿو گهران، مون کي ٻي ٻجي تائين ننڊ ڪرڻي آهي." اسان کي دروازي تي ڇڏي، اندران بُلٽ ڏئي ڇڏيائين. مون ۽ اشرف موٽي هڪ ڪلو ڪشميري صوف ورتا. ان ڏينهن اشرف منهنجو ڪئفيٽيريا بار ۾ مهمان هو.

دراصل اُردو شاعريءَ کي مسلم ليگي سياست جيتري اهميت هوندي هئي. مون کي ياد آ هي تہ جيئن پاڪستان ٺهيو تيئن لياقت علي خان ڪراچيءَ (صدر) جي هڪ پارڪ ۾ تقرير پئي ڪئي، رئيس امروهويءَ هڪ واهيات قطعو پهرين پڙهيو. هنديءَ ۽ اُردو جو جهڳڙو پاڪستان جو

مُک ڪارڻ هو. مون ڪٿي پڙهيو تہ غالباً ڪانپور ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو هڪ سيشن ٿيو هو، جنهن ۾ مهاتما گانڌيءَ ٺهراءُ بحال ڪرايو هو تہ هندستان جي قومي زبان هندي ٿيندي. بابائي اُردو جو گانڌيءَ جو مداح هو. اُهو گڏجاڻيءَ ۾ موجود هو ۽ جڏهن حيدرآباد دکن ۾ پنهنجي گهر موٽيو تڏهن هن گهر ۾ رکيل گانڌيءَ جو چرخو ڊاهي ڍير ڪيو ۽ چيو "گانڌي، مڪارا هند جي قومي زبان اُردو آهي، تون ڇا بہ چئہ!" سن 1963ع ۾ مون جڏهن اُتر پرديش ۾ ڪار ۾ سفر ڪيو هو تڏهن رستي تي ڪسان يا عام شهري هندستاني ڳالهائي رهيا هئا. آسان اُردوءَ وانگر. ٻنهي ۾ ڇڙو ديوناگري ۽ عربي رسم الخط جو فرق هو. پهريون رسم الخط هندوءَ ڪي پيارو هو ٻيو مسلمان کي. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ هندستان ۾ لڏي ويل سنڌي هندو اڄا تائين عربي رسم الخط جي حمايت ڪن ٿا ۽ اڪثر ڪتاب اُن ۾ ڇپايا اٿائون. سنڌي هندوءَ جهڙو سلجهيل دماغ ڀارت جي ٻئي ڪنهن هندوءَ کي نہ آهي. سنڌيءَ جي مشهور اديبا، ڪملا گوڪلاڻيءَ، مون کي جئپور ۾ ٻڌايو هو تہ جڏهن اجمير ۾ اسڪولن ۾ ديوناگري لپي مڙهي وئي، تڏهن ماسترن اسٽرائيڪ ڪئي ۽ ديوناگريءَ ۾ تعليم ڏيڻ کان انڪار ڪيو. سنڌي ماستر ايترا گهڻا هئا، جو لاچار سرڪار عربي رسم الخط ۾ تعليم روا رکي. جيئن اها تہ نڪتي ڳالهہ مان ڳالهہ. اصل موضوع تہ جمال صديقيءَ جو هو جو مون کي ڪمائيءَ مان چار آنا حصو ڏيندو هو ۽ مون کي اندازاً هڪ هزار رپيا ملندا هئا.

ڪجهہ مهينا اسان سان عبدالحي قريشيءَ پارٽنرشپ ڪئي. اسين سڀ ڪلاس فيلو هئاسين- جمال، عبدالحي، خالد اسحاق ۽ شيخ عبدالقادر. عبدالحي قريشي ڪجهہ وقت هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي حيثيت ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ گذاري ويو اهم اها ڳالهہ نہ آهي تہ ماڻهوءَ جو موت ڪيئن ٿيو، ڪڏهن ٿيو ۽ ڪٿي ٿيو. ۽ ڪير هن جي جنازي نماز تي آيا. اهم تہ اها ڳالهہ آهي تہ هن زندگي ڪيئن گذاري. عبدالحي هڪ خوشحال ۽ مطمئن زندگي گذاري، خدا کيس جوارِ رحمت ۾ رکي.

مان جمال جي آفيس ۾ خوش هوس. هڪ ڀيري هن مون کي بولٽن مارڪيٽ جي ٿاڻي تي موڪليو تہ ڪنهن اصيل تي داخل ٿيل فرياد جو بولٽن مارڪيٽ ٿاڻي تان نقل وٺي اچان، تہ ٻئي ڏينهن تي هن جي گرفتاريءَ

ڪان اڳ ضمانت وجهي سگهون. مون جمال کي ايف.آءِ. آر جو نقل ۽ جوابدار جو وڪالت نامو صحي ڪرائي آڻي ڏنو. ٻئي ڏينهن تي جمال تہ ويو هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻ ۽ منهنجي مختيارڪار ۽ فرسٽ مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ ڪيس جي حاضري رکيل هئي. مختيارڪار ڪڙپيل ۽ ڪٽ مست ٿي لڳو هو ڪَڪُ ٿي چڪو هو پيشانيءَ ۾ پيرا پئجي ويا هئس، اکيون ڏرا ڏئي ۽ منهن چوپو ٿي چڪو هوس. هن کي منگالي ۾ رک جي رنگ جهڙيون تلهيون مڇون هيون. مُڙس مِرچائي ۽ مهاڏو آتڪائڻ وارو ٿي لڳو. اوچتو ڪنهن سينئر وڪيل سان آڏي پُڇا تي رڳڙو ڪري، هن کي رهنديون ڏئي ٿي وڌائين. هن وٽ هلندڙ ڪيس پورو ٿيو تہ سرشتيدار کي چيائين تہ ”ٻيو ڪيس ڪڍ!“ ڪورٽ ۾ ٻين مهاجر وڪيلن سان گڏ ٻہ سينئر وڪيل ويٺا هئا. اُنهن ۾ هڪ ڪلڪتي جو هو. ڪاري شيرواني، ڦندڻ واري ڳاڙهي ٽوپي، شيروانيءَ جي مٿئين کيسي ۾ سادو اڇو رومال، شيروانيءَ جي ڪالر ٻاهران ٻہ اڌميريون پٽيون (Bands) ٻڌل _ لمبو ڏگهہ ڏم ڏڙاڪي وارو. گوڙائو مڙس ٿي لڳو. اُن اُٿي چيو تہ ”يوئر هانر. مان ڪلڪتي بار ائسوسئيشن جو صدر ۽ سهرورديءَ جو دوست ٿي رهيو آهيان. توهان غالباً مون کي نہ سڃاڻين. هاڻي منهنجو ڪيس ڪڍ، ڇو تہ مون کي ٻين ڪورٽن ۾ بہ ڪيس رکيل آهن!“ مئجسٽريٽ کيس اشارو ڏنو تہ ”ويهي رهو!“ ايتري ۾ الله آباد جو هڪ مهاجر وڪيل اُٿي بيٺو ۽ چيائين، ”حضورَ هي سچ ٿو چوي. مان بہ لکنؤ جي بار ائسوسئيشن جو صدر هوس ۽ لياقت علي خان جو ساٿي رهيو آهيان. هن ڪان پوءِ منهنجو ڪيس ڪڍ، مون کي بہ تڪڙ آهي.“ مختيارڪار سرشتيدار ڏانهن منهن ڦيري، ڪڙاڪي دار آواز ۾ چيو ”هنن کي سمجهاءِ تہ اهڙا وڏا وڪيل آهن، تہ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس ڪڻن. هڪ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ وٽ ڇو ٿا لُور لُور ڪندا وتن؟“ ٻنهي وڪيلن سنڌي نہ سمجهي، پر هنن کي ڪاوڙ آئي تہ مختيارڪار کين سڌي منهن جواب نہ ٿو ڏئي، سو گوڙ گنبوڙ ڪرڻ لڳا. ”چپراسي!“ ٻڌي شينهن اُردوءَ ۾ گجگوڙ ڪئي، ”ٻاهران سپاهيءَ کي سڏ تہ هنن کي هٿ ڪڙيون هڻي. مان هنن کي توهين عدالت ۾ ٿو گرفتار ڪريان!“ ٻئي وڪيل کيس ڪڇ ۾ ڪٽي، ٽڪاءَ ڏئي ڀڄي ويا. مختيارڪار رُعب دار آواز مان چيو ”ڪلڪتي مان آيو هجي يا الله آباد مان، ڪيس هتي لِسٽ وار ڪڻندس. هنن جي ڀڳهار نہ

ٿو ڪانوان، پاڪستان جي حڪومت جي ٿو ڪانوان. ڪنهن جي بابي جو نوڪر تہ نہ آهيان!“ پوءِ هن مُڇن کي ٿورو وٽ ڏنو ۽ لسٽ موجب ڪيس هليا.

بئي ڏينهن اِها ڳالهہ ساريءَ ڪراچيءَ بار ائسوسئيشن ۾ هُلي وئي، جا سٽي ڪورٽن ۾ ٿي هئي.

اي. ڪي. بروهي هاءِ ڪورٽ جو وڏي ۾ وڏو وڪيل هو ۽ شيرمحمد شيخ سٽي ڪورٽ ۾ مصروف ترين وڪيل هو شڪارپوري شيخ هو ۽ مون کي ”مائٽ“ ڪوٺيندو هو. هو هر روز انگلنڊ مان آيل نئين بو (Bow) ٻڌي ايندو هو ۽ هن کي ڪراچيءَ جي بهترين درزيءَ، حميد جا سبيل خوبصورت فل سوٽ پيل هوندا هئا. هو شهزادي جي ڍِڪ ڏيندو هو. سندس والد رٽائرڊ سيشن جج هو ۽ سندس ڀاءُ مير محمد شيخ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ غالباً ڊپٽي سيڪريٽري هو. جو پوءِ مصر ۾ پاڪستان جو ڪلچرل اتاشي مقرر ڪيو ويو. هُن جو ٽيون ڀاءُ علي احمد شيخ، جو انجنيئر هو ۽ مون کي اسلام آباد ۾ ڪجهہ سال اڳ ۾ ويجهڙائيءَ ۾ هڪ تقريب ۾ مليو هو. شيرمحمد شيخ کي ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪرڻ ۽ ڏُڪڙ تي اٽي هڻڻ جو شوق هوندو هو ڪنهن کي ڪُڪ ۾ ڪان هڻي هو. پنهنجيءَ سنڌائتي نشاني بازيءَ تي خوش ٿيندو هو. مون کي بار ائسوسئيشن ۾ ٻُڌي چيائين، ”مائٽ، تون تہ اُردو چڱيءَ طرح ڳالهائي سگهندو آهين ۽ اُردوءَ جو شاعر آهين. تون بہ ٻاڻ کي لکنوي ۽ ڪلڪتوي سڏاءِ، نہ تہ پير ڪوڙي نہ سگهندين.“ مون هن کي چيو تہ، ”سائين فڪر نہ ڪريو مان هنن جي بڻ بنياد مان واقف آهيان.“ ”لکنوي“ ۽ ”ڪلڪتوي“ لفظ ٻڌي، ڪِن مهاجر وڪيلن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. شير محمد کان پوءِ پڇيائون تہ ”هن توکي ڇا تي چيو؟“ هُن جواب ڏنو تہ ”هو مختيارڪار جي شڪايت ڪري رهيو هو ۽ مون سان جهڳڙي جي ڳالهہ ڪيائين.“ هنن کي ڪوئي شڪ پيو سو ڦري مون کي چيائون تہ ”تون اُردوءَ وانگر سنڌي بہ صاف پيو ڳالهائين! ڇا، سنڌ ۾ اُردو رائج هئي ۽ اُردوءَ جا اسڪول هئا؟“ مون جواب ڏنو تہ ”نہ پر اسان جي هڪ وڏي شاعر سچل اُردوءَ ۾ شاعري ڪئي، جڏهن ولي دکنيءَ دکن ۾ ڪئي هئي، باقي ٻيو مطالعي جي ذريعي مون زبان تي عبور حاصل ڪيو آهي.“ جڏهن مون هنن کي ٻڌايو تہ مان انجمنِ ترقي پسند مصنفين ڪراچيءَ جو نائب صدر آهيان، ۽ حلقہء احبابِ ذوق ۾ بہ شعر پڙهندو آهيان، تڏهن هڪ اُردوءَ واري وڪيل مون سان

هٿ ملائيندي، پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ چيو تہ ”تون سچو پاڪستاني آهين. ٻيو ڪوئي سنڌي وڪيل اُردوءَ جا ٻہ لفظ بہ ڳالهائي نٿو سگهي؟ سنڌين کي پاڪستاني ٿيڻ ۾ وقت لڳندو ۽ هو اسان جي صحبت ۾ رهي اُردو سکي ويندا.“

مرحوم شير محمد شيخ جي ذهنيت، جا پوءِ ظاهر ٿي، مان اجا سمجهي نہ سگهيو آهيان. ٻئي ڏينهن تي هن بار ائسوسئيشن ۾ چيو ”مائٽ، اهو سچ آهي تہ جمال توکي ٽاٽي تي موڪليو تہ ايف. آءِ. آر جو سادو نقل ۽ وڪالت نامو وٺي آءُ تہ ضمانت جي درخواست داخل ڪريون؟“

مون جڏهن هُن کي ”هائو“ ۾ جواب ڏنو، تڏهن هن چيو تہ ”مون سان شام جو آفيس تي ملجانءِ!“ مان شام جو جڏهن هن جي آفيس تي ويس، تہ هن منهنجي روبرو پنهنجي منشيءَ کي چيو ”اڄ جي اوڳڙ ڪڍي آءُ!“ منشي هُن وٽ ڪجهہ سوَ جا نوٽ ۽ ڏهين ڏهين جا نوٽ ڪڍي آيو ۽ چيائين، ”سائين، اڄ ساڍا پنج سو مليا آهن.“ شير محمد بنا ڳڻڻ جي نوٽ کيسي ۾ وجهي ڇڏيا. تن ڏينهن ساڍا پنج سؤ روپيا روز ڪمائي ڏاڍي گهڻي هوندي هئي. اُن کان پوءِ مون کي چيائين تہ ”جمال توکان ڪجهہ مهينا سينئر آهي. مون تنهنجي آڏي پُڇا ۽ تقرير ٻڌي آهي، تون هُن کان ڇا ۾ گهٽ آهين، جو هو توکان منشيءَ وارو ڪم ٿو وٺي؟ مان تہ اهو ڪم پنهنجي منشيءَ کي بہ نہ چوان، پر اصيل کي ئي چوان تہ پاڻ وٺي آءُ!“ هن ڪجهہ وقت سينئر وڪيل جي اخلاقيات تي ڳالهايو ۽ چيائين، ”هي ڪارڊ رک. ان ۾ منهنجي گهر جي ائڊريس آهي، رات جي ماني سياڻي مون وٽ کائجان، پر اچجانءِ ائين بجي چو تہ ساڍي ستين بجي مان ڪراچي ڪلب مان موٽندو آهيان.“ هن وڌيڪ ٻڌايو تہ ”ڪلهہ ڪراچي ڪلب ۾ سنڌ جي چيف جج طيبجيءَ وزير اعليٰ کي دٻ پٽائي هئي ۽ چيو هئائينس تہ ”مان قائداعظم کي توتي دانهن ٿو ڏيان.“ مان ڪراچي ڪلب ڪڏهن نہ ويو هوس. هن اُتان جا احوال ٻڌائي، مون تي رُعب رکيو. نہ ڄاڻان تہ اُن وقت مون مان شاعر جي سرمستي ڪيڏانهن وئي هئي ۽ مٿاهين بيوروڪريسيءَ جي خرمستيءَجون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌندو رهيس. وڪالت منهنجن هڏن مان مِکُ چوسي وتي هئي.

جمال منهنجو ننڍي هوندي جو دوست هو ۽ ”غالب“ جي لفظن ۾ منهنجو ”هم مشرب، هم پيشه ۽ هم خوار“ هو. اتفاق سان ٻئي ڏينهن هن

مون کي اوچتو چيو تہ "تون اڄ ڪيس تي نہ وئين ۽ ڪيس هلي ويو." مون هن کي چيو تہ "مون کي صبح جو سرشتيدار هڪ بجي جو ٽائيم ڏنو هو مان هن کي اِها ڳالهہ منهن تي چئي سگهان ٿو ۽ مئجسٽريٽ کي بہ درخواست ڏيون ٿا تہ ان سبب ڪري هو آڌي پُڇا لاءِ شاهد پيهر گهرائي. مئجسٽريٽ منهنجو واقف آهي ۽ مان هن کي چيمبر ۾ چوندس تہ سرشتيدار فرياديءَ کان وڍي وٺي، مون سان ڌوڪو ڪيو آهي." ان تي جمال جو پارو چڙهي ويو ۽ چيائين، "۽ جي مئجسٽريٽ شاهد پيهر نہ گهُرايا تہ؟ تون ڪيئن ٿو چئين تہ مئجسٽريٽ خود ان دوکي ۾ شريڪ نہ هو؟ جناب، ائين ڪم نہ هلندو ۽ توکي سارو وقت ڪورٽ ۾ ويهڻو پوندو."

جمال جو لهجو نهايت تلخ هو. هن جو آواز ايترو ڪرڙو ڪهرو هو جو منهنجو من پرجي آيو. مون هن کي چيو تہ "تون مان ننڍپڻ جا دوست آهيون، مان تنهنجون چڙٻون سهڻ تہ تو وٽ نہ آيو آهيان. مان تنهنجي دوستيءَ جي ڪري ٽاڻن تي بہ ويو آهيان. مان تنهنجو ڪو منشي تہ نہ آهيان."

اُن وقت منهنجي تحت الشعور ۾ شير محمد جو آسرو بہ هو. جمال ان تي ڪاوڙجي چيو "الوداع."

"الوداع جمال، پارٽنرشپ رهي نہ رهي، اُميد تہ تنهنجي منهنجي دوستي رهجي ايندي." مان شام جو شير محمد جي فلئٽ ڳولي لڌي ۽ هن وٽ پوري ائين بجي ويس. گهنٽيءَ تي هُن جي ڪرستان زال در کوليو جا بدن جي ٿهري ۽ منهن مان حيادار ۽ بردبار ٿي لڳي.

"اڇ، اڇ مائٽ! مان تنهنجي ڪري پنج منٽ دير سان پهتو آهيان. ڪراچي ڪلب ۾ ميربنده علي ٽالپر سان ملاقات ٿي، هو مون ڏانهن هاءِ ڪورٽ جون اپيلون موڪليندو آهي. اُتڻ نہ پئي ڏنائين، پر مون هن کي چيو تہ مون هڪ دوست کي 8 بجي جو ٽائيم ڏنو آهي، مان گهر تي نہ هوندس تہ هو موٽي ويندو."

هُن سگريٽ جو گهرو ڪش هنيو ۽ اُن جو دونهون هُن مان ايندڙ سينٽ جي خوشبو سان ملي ويو. هن ٻن گلاسن ۾ بلئڪ ليبل جو ٽو پيگ وڌو ۽ هر گلاس اڌ ٽائين سوڊا سان ڀريائين ۽ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪيائين. ۽ مهاجر وڪيلن جي آڪڙ ۽ پاتي خانيءَ ۽ ڪالر ميري ۽ شيروانيءَ تي تبصرو ڪندي، چيائين، "مون هڪ مهاجر وڪيل کان پڇيو

تہ 'قائداعظم سنڌي هو يا الله آبادي يا ڪلڪتوي' تڏهن هن جواب ڏنو تہ 'شير محمد صاحب! قائداعظم فقط پاڪستاني آهي' اُن تي مون هن کي چيو 'اوهان سڀ بہ پاڻ کي پاڪستاني چئو ڪلڪتوي ۽ الله آبادي نہ چئو ۽ هندستان جي ڪنهن مُلڪ جو نالو پنهنجي شناخت طور ڪم نہ آڻيو.'

ائين چئي، هن هڪ چوٿو پيگ بہ ٺاهيو ۽ ماني رکائي. ماني کائي، مون شير محمد کي چيو تہ "مان جمال کي الوداع ڪري آيو آهيان. مان اوهان جي آفيس ۾ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو. شيرمحمد پنهنجن ڪِريم لڳل وارن کي ڄمائيندي، چيو "اياز صاحب! اوهان جلدي ڪئي. دراصل منهنجا اصيل مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪيس هلائڻ نہ ڏيندا آهن. مون کي سخت افسوس آهي تہ اوهان جمال سان پارٽنرشپ ڇڏي ڏني. تون بار روم ۾ اچي ويهندو ڪر. مان ڪڏهن ڪڏهن توکي ڪيس موڪليندو رهندس."

مون هُن کي ڪجهہ نہ چيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ هن کان موڪلايو.

مان جڏهن ٻئي ڏينهن بار روم آيس، تڏهن ڪيسي ۾ فقط ٽي سئو رپيا هئم. جمال وٽ جڏهن هوندو هوس، تہ بغداديءَ جو هندو سيٺ آسودومل دوست ٿي ويو هوم. آسودو مل سفيد فام، ڪوتاه قد ۽ ڪُتي مَتي وارو مڙس هو. هو اڇيءَ جوڙيءَ جي شلوار قميص ۽ سياري ۾ اُن جي مٿان گِدلو پائيندو هو. هو منهنجو دوست ٿي ويو هو ۽ بہ ٽي ڀيرا منهنجي پنهنجي آفيس تي دعوت بہ ڪئي هئائين. جنهن جي پرسان گدام ۾ ڪنڊ جون ڪيئي ڳوٿيون رکيون هونديون هيون. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اُنهيءَ مون کي بار روم ۾ اچي چيو تہ "مون ڏينهن جو ڏيئو ٻاريو آهي، تون منهنجو ڪيس ڪر!" مون ڪانئس واڻڙو ٿي پڇيو تہ "ڏينهن جو ڏيئو ٻارڻ ڪهڙو ڏوهہ آهي؟" هن جواب ڏنو "سائين اسان واپاري ماڻهو ڏينهن جو ڏيئو ٻارڻ ڏيوالي ڪڍڻ کي چوندا آهيون. مون تي ويهارو لک قرض ٿي ويو جو مان ادا ڪري نہ ٿو سگهان." پوءِ ٿوري دير رکي چيائين، "اڄ رات جو ماني مون وٽ کائجو!"

مان شام جنهن وقت هُن وٽ رڪشا ۾ پهتس، تڏهن هن بليڪ ڊاگ وسڪي پيئاري، چڪن تڪا، نان ۽ ڪڪڙ جو ڀوڙ کارايو. پوءِ بليڪ ڊاگ جون بہ بوتلون ۽ سگريٽن جو ڪريٽ بہ ڏنو ۽ ڪوٽ جي اندرئين کيسي مان ڪجهہ سَو جا نوٽ ڪڍي ڏنا، جي پوءِ مون ڳڻيا تہ پنج سئو هئا.

هُن گدام مان ڪنڊ جون ڳوٿيون هٽائي، گُدام خالي ڪري ڇڏيو هو ۽

مون کي چيائين تہ ”مون وٽ فقط هيءَ آفيس ۽ گدام آهي، جو مان قرض خواهن کي ورهائي ڏيڻ چاهيان ٿو. پوءِ هن پڇيو تہ ”تفصيلي حقيقت لاءِ بار روم ۾ ڪڏهن اچان؟“ مون هن کي جواب ڏنو تہ ”ٻن ڏينهن کان پوءِ.“

اُن وچ ۾ مون Insolvency Act تي ڪتاب ورتو ۽ درخواست ٺاهڻ لاءِ ٻئي ڏينهن سول ڪورٽ رولس ورتا. مون هن جي پٽيشن ٺاهي ۽ هڪ سِول جي وڪيل کي ڏيکاري. هو معمر ماڻهو هو. جنهن پٽيشن ۾ ڪجهہ درستيون ڪيون. پوءِ ٻئي ڏينهن مون اُها ٻيهر ٽائيپ ڪرائي، ضروري صحيحون ونئي، داخل ڪئي. ان وچ ۾ شيرمحمد شيخ جڏهن بہ مون سان بار روم ۾ ملندو هو. فقط ”هَلو“ چوندو هو. مون ۽ جمال ۾ غلط فهميءَ ڦهلائڻ سان شيرمحمد جي کهڙي اذيت پرستيءَ جي جذبي کي تسڪين ٿي ملي، اِهو تہ مان نہ ٿو چئي سگهان، پر اها چائت هن جي چِت ۾ چو آئي، سا بہ سمجهہ کان ٻاهر هئي. هن جي پنهنجي دوستي زماني سازيءَ جي هئي، شايد هُن کي اسان ٻنهي جي بي غرض دوستي نہ ٿي وڻي!

اُن ڳالهہ کي ڪيئي سال گذري ويا. گردشِ گردونِ گردان ڏاڍا ڦيرا ڏنا. جڏهن مان سنڌ يونيورسٽيءَجو وائيس چانسلر هوس، تڏهن ايم. ايم. پيرزادو جو اُن وقت سپريم ڪورٽ جو سينئر وڪيل هو ۽ منهنجو جونيئر رهي چُڪو هو. تنهن جي ڪراچيءَ ۾ مون سان ملاقات ٿي ۽ مون کي دعوت ڏيئي، شام جو ڪراچي جمخاني ۾ وٺي آيو. اسين ڪائونٽر تي اچي ويٺاسين، جتي شيرمحمد شيخ ٻن سيئين سان محوگفتگو هو ۽ ائين ڏک ڏئي رهيو هو جڻ ٽاٽا ۽ برلا جي صحبت ۾ ويٺو هو. هُن اسان لاءِ ٻن پيگن جو آرڊر ڏنو. مون پيرزادي کي اک پڳي ۽ هُن اسان ٻن لاءِ الڳ الڳ ٻن پيگن جو آرڊر ڏنو. ايتري ۾ شيرمحمد چيو ”منهنجي وسڪي پسند نہ آيَو ڇا؟“ ان تي پيرزادي کيس چيو تہ ”هي منهنجو مهمان آهي. اوهان جي وسڪي پوءِ پيئنداسين.“ پوءِ پيرزادو ٻئي گلاس کڻي، هڪ ننڍيءَ ميز تي اچي ويٺو ۽ حال احوال ڏيڻ لڳو. هن ٻڌايو تہ ”شيرمحمد شيخ ڪراچي جمخاني جو پريزيڊنٽ آهي، پر پاڻ کي يو. ايس. اي جو پريزيڊنٽ ٿو سمجهي.“ ان تي مون چيو ”ڪينيڊيءَ کان ڇا ۾ گهٽ آهي!“ پيرزادي ٺهڪ ڏنو تہ اُهو ٻڌي، شيرمحمد پنهنجا ناياب دوست ڇڏي، وسڪيءَ جا بہ گلاس کڻي آيو ۽ اسان سان اچي ويٺو. هن جي دوستن کي ديگ جيڏيون پُنيون ۽ ٻاتيءَ جهڙا منهن

هئا ۽ واري سان پئنٽ جو پٽو ڇڪي مٿي تي ٻڌائون. شيرمحمد اجا تائين خوبصورت نہ، تڏهن بہ ساڳئي نٽ ٽانگر وارو مڙس هو. هو وسڪي ڪٽي آيو تہ مون دل ۾ چيو تہ اِها وسڪي شيخ اياز لاءِ نہ، پر وائيس چانسلر لاءِ آهي. جڏهن هُو گلاس ميز تي رکي، وڃي پنهنجي ”وال اسٽريٽ“ ۾ وينو تہ پيرزادي کي چڙ ڪڪُ سنگهي ويو. هن چيو تہ ”اهي گلاس ميز تي رکيا رهن ۽ مان ٻيا بہ پيگ تو گهرايان.“ هن آرڊر ڏنو تہ شيرمحمد اُتي آيو چيائين، ”شيخ صاحب! مان واريءَ آچ تي ڪوئي اعتراض آهي ڇا؟“ مون جواب ڏنو تہ ”مون تہ اڳي بہ اوهان وٽ وسڪي پيتي آهي.“ هن کي ڪجھ ياد آيو ۽ هن جو منهن وَن وَن ٿيڻ لڳو ۽ هو موٽي ڪائونٽر تي وڃي وينو.

آخرين ڀيرو شيرمحمد سان منهنجي مُلاقات ڪارڊيو وَئسڪيولر اِنسٽي ٽيوٽ ۾ ٿي. هو ڪنهن مريض کان طبيعت پڇڻ آيو هو. جڏهن خبر پيس تہ لاڳيتي ڪمري ۾ آءُ بہ داخل هوس، تڏهن مون کان بہ پڇڻ لاءِ هلي آيو. هو اجا ڏسڻو وائسٽو هو ۽ تيز يو. ڊي ڪلون لڳائي آيو هو. هن خوبصورت نرس ڏانهن ڏٺو جا بستري تي منهنجي پاسي ۾ ويٺي هئي، ۽ پوءِ منهنجي صحت جي باري ۾ پڇيائين. مون کيس چيو تہ ”شيخ صاحب، هاڻي بهتر آهيان. اسان جي اڳين ملاقات ڪراچي جمخاني ۾ ٿي هئي، جتي اوهين پريزيڊنٽ هئا.“ جڏهن مون هن کان پڇيو تہ ”اوهان جي صحت ڪيئن آهي.“ تڏهن چيائين، ”ٺيڪ، مان هر مهيني مڪمل چيڪ اپ ڪرائيندو آهيان، مان ڪراچي جمخاني جو ڏهہ سال پريزيڊنٽ رهيو آهيان.“ پوءِ ”رابرٽ ڪينيڊيءَ“ مون کان ائين موڪلايو ڄڻ هن کي ڏؤنس ڦبي وئي هئي. ڪُرسچوف کي ڪيوبا تان هٽائي ڪڍيو هئائين!

اسپتال مان نڪرڻ کان پوءِ ڪنهن کان معلوم ٿيو تہ شيخ صاحب ڪنهن بيماريءَ ۾ گذاري ويو هو. موت نہ ڪئلنيڊر ڏسي ايندو آهي ۽ نہ وزٽنگ ڪارڊ موڪلي ايندو آهي. ڪولمبيا جو هڪ پهاڪو آهي تہ ”هُن کي مَري، تاريڪيءَ ۾ وڃڻو آهي، پوءِ پلي هو ميڻ بتيون وڪڻندو هجي!“ ڊينمارڪ جو بہ هڪ پهاڪو آهي ”موت نقارا وڄائيندو نہ ايندو آهي.“ نہ ڄاڻان تہ شيرمحمد جي وفات جي خبر اخبار ۾ ڇپي هئي يا نہ؟ نہ ڄاڻان تہ هن جي موت کان پوءِ ئي نقارا وڳا هئا يا نہ؟ نہ ڄاڻان تہ گهڻا سيٺيون هن جي جنازي نماز تي آيا هئا!

* * * *

وريءِ ان ڪان هيٺ تهخاني جو قلف کوليان ٿو:

ڪراچيءَ ۾ وڪالت جي دور ۾ مان واندو هوندو هوس، تہ بار روم ۾ سمرسيٽ مام جا ناول پڙهندو هوس. ٻيا وڪيل شطرنج کيڏندا هئا، فقط مينوالا، هڪ پارسي وڪيل، ٽي. ايس. اِليٽ جو پروفارڪ (Pro Fork) ۽ ڪئٿيڊرل ۾ قتل (Murder in Cathedral) پڙهندو نظر ايندو هو جنهن سان مان ٽي. ايس اليٽ جي شاعريءَ، هن جي مغربي تهذيب ۽ بورجوا دور تي مايوسيءَ جو اظهار ۽ ان جي کوکلن ڪردارن تي بحث ڪندو هوس. منهنجو رايو هو تہ بار روم ۾ ماڻهو ويهہ پيرا وڏيڪ کوکلا آهن، جن جي چِٽ ۾ مولانا حاليءَ ۽ اڪبرالهہ آباديءَ چُرون ڪيون آهن، جي اسلام جا ڍنڍورچي آهن، پر نماز بہ ڪونہ پڙهندا آهن، رڳو مالِ غنيمت تي اچي ڪڙڪيا آهن ۽ اسلام جي آڙ وٺي، پنهنجي من ماني ڪري رهيا آهن. مون کي ائين لڳو تہ ڪراچي هڪ عفريت آهي، جو ننڊ ۾ کونگهرا هڻي رهيو هو پر جڏهن اُٿيو تہ هر شيءِ ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيندو. مون کي اهو ڏسي تعجب آيو تہ سنڌ جا جاهل نوجوان هر مهاجر کي "پنجابي" ڪوٺي رهيا آهن، ۽ هنن کي اها خبر بہ نہ آهي تہ هندستان ۾ گهڻا صوبا آهن. ڪنهن وقت فرد وانگر قوم تي بہ خودڪُشيءَ جو جنون سوار هوندو آهي. هڪ وقت سنڌ مسلم هاسٽل مان اهو اشتهار نڪتو تہ "خبردار! پنجابي سنڌ کي ڪٿي رهيو آهي." اُتي منهنجا ڪلاس فيلو پوري اخبار بہ نہ پڙهندا هئا، نہ اخبار ميس ۾ ايندي هئي، ۽ نہ اُتي ڪائي لائبريري هئي، فقط دادا گير شاگرد هاڪيون کڻي ڦرندا هئا ۽ هر ڪنهن کي ٿونا هڻندا وٺندا هئا. انهيءَ پاڳل خاني مان منهنجي جان تڏهن ڇٽي هئي، جڏهن مان ميناارام هاسٽل ۾ اچي رهيو هوس. هيءَ ڪراچي بار بہ سنڌ مسلم هاسٽل جيان ننڍو گدوبندر هئي.

هڪ ڀيري بار ائسوسيئيشن ۾ ويٺاهئاسين تہ خالد هڪ ميز تي ڪنهن ڏنڊي مُٺي، ڏر وڳر ڍڳي وڪيل سان شطرنج کيڏي رهيو هو. ڪنهن ڳالهہ تي اُن مهاجر خالد سان ڏند ڏنا. مون سمجهيو تہ هو رڳو ڏند ڪڙڪو ڪري رهيو آهي، پر اوچتو هن خالد کي اڻ سونهائينديءَ ٻوليءَ ۾ بد شد ڳالهايو.هو لياقت علي خان جي شهر جو هو هُن کي ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ هُئي تہ خالد جو پيءُ ڪراچيءَ جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ هو. مون هن کي

جواب ڏنو جنهن تي اُٿيو ۽ مون کي ٿاڻ کان ورتائين. بہ ٽي وڪيل وچ ۾ پيا ۽ هن کي سمجھايائون، نہ تہ هو هڪ ٻئي ڏک سان مون کي ڀانواٽي ڏئي ڇڏي ها. خالد شطرنج ڇڏي مون سان ٻيءَ ميز تي اچي ويٺو ۽ مون کان پڇيائين: ”يار، جمال کي ڇڏي ڪافي وقت ٿيو اٿي، ۽ بار روم ۾ بيڪار ويٺو آهين، منهنجي فرم ۾ تولاءِ جاءِ آهي، مون وٽ ڇو نٿو اچين؟ مون سان گڏ شيخ عبد القادر آهي، جو بہ پنهنجو ڪلاس فيلو آهي.“مون کي خالد ٽي هزار رپيا ايڊوانس ڏنا ۽ چيائين تہ ”صدر مان سوٽ سبائي اچ.“ مون صدر جي بهترين درزيءَ کان ٽي فل سوٽ سبايا، ڪجھہ ريڊي ميڊ قميصون ۽ ٽايون ورتيون. پوءِ تہ خالد وٽ مون ايترو تہ ڪمايو جو اشرف کي روز بيچ لگزري هوٽل تي وٺي ويندو هوس، ۽ جي صمد شاهين ۽ هن جي زال ممتاز شيرين ملي ويندا هئا تہ اُنهن سان بہ ڪچهريون ڪندا هئاسون. هڪ ڀيري مان اشرف کي ساڻ ڪٽي، خوشنوديءَ وٽ وٺي ويس، ۽ پنهنجو قرض لاهڻ چاهيم. مون خوشنوديءَ کي پنج سؤ رپيا ڏئي چيو تہ ”رات اشرف تنهنجو مهمان آهي.“ پر اشرف چيو تہ”منهنجي گھر مهمان آيل آهن، ۽ مانيءَ تي منهنجو انتظار ڪندا هوندا، اڄ بہ رامپور جي نواب جي جاءِ تون پرا!“ ”اشرف! مان نواب رامپور وانگر نہ آهيان.“ مون چيو. ”نہ بابا! جي ائين سمجھان ها تہ پنج سؤ رپيا پنهنجا ۽ پنج تنهنجا ڇو وڃايان ها، نواب رامپور تہ رڳو سچا موتي پيهندو هو!“ اشرف جواب ڏنو. خوشنودي جنهن کي تلور جي تور هئي، اُن گھٽ پيتو ۽ ڪاڏو. مان ڪاٽي پِي رات جو دير سان گھر موٽي آيس، رستي تي غالب جي مصرع جھونگاريندو آيس:

اے ساکنانِ کوچہ دلدار دیکھنا
تجھ کو کہیں جو غالب آشفتہ سر ملے.

خالد تي تازو ڊان جي مئگزين سيڪشن ۾ آرٽيڪل آئي هئي، جنهن جو عنوان ”گم ٿيندڙ نسل“ (The vanishing breed) هو. اُن ۾ لکيل هو تہ خالد اسحاق هن سال انونجاهہ لک رپيا ساليانو ٽئڪس ڀريو آهي ۽ جيڪڏهن پاڪستان جي سيني وڪيلن جي انڪم ٽئڪس جوڙ ڪئي وڃي تہ هن جي انڪم ٽئڪس جيتري نہ ٿيندي. شيخ عبدالقادر ائڊوڪيٽ جنرل ٿيو ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج ۽ چيف جج ۽ ٽي پيرا سنڌ جو ائڪٽنگ گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ نيٺ سپريم ڪورٽ جي جج جي

حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين، هن وقت هو موهن جو دڙو اٿارٽيءَ جو سربراهہ آهي، مان ڊائلان ٿامس وانگر سوچيندو هوس تہ ”شاعريءَ ۾ پيسو ڪونهي تہ پيسي ۾ شاعري ڪانهي.“ ۽ ”پيسو“ بابا چواڻيءَ، ”هَٿن جي مَر آهي.“ مون پئسي تان هٿ ڪڍي سوچيو تہ ڪراچيءَ ۾ مهاجر آباديءَ جي اڪثريت آهي،مان هتي اردوءَ يا سنڌيءَ ۾ سٺو افسانہ نويس ۽ ناول نويس تہ ٿي ٿو سگهان پر منهنجي سنڌي شاعري مري ويندي. ان ڪان اڳ هڪ بہ واقعا، جن مون کي ڪراچيءَ تان دل برداشت ڪري ڇڏيو.

ڪراچيءَ ۾ خالد وٽ هڪ دهليءَ جو تاجر آيو جنهن جو رنگ پيلو رت پوڙهو ۽ خوبانيءَ جهڙو هو. هن فريئر روڊ تي متروڪ جائداد جا پنج ڇهہ ماڙا ڦہايا هئا، ۽ انهن جي باري ۾ ڪُوڙا وڪري ناما ٺاهي رجسٽر ڪرايا هئائين. وڪري نامن تي مالڪن ۽شاهدن جون صحيحون ڪوڙيون هيون. دهليءَ مان ڪافي فارجريءَ جا ماهر بہ آيا هئا، جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي صحيح جي فارجري ايتريءَ مهارت سان ڪري ٿي سگهيا، جو هُن کي شڪ پئي پيو تہ هيءَ صحيح منهنجي آهي يا نہ! هن في الحال ٻن ماڙن تي ڪاريگر رهايا هئا، جي سرمو پيهين، شيشن ۾ وجهي، اُن تي هن جي ڪمپنيءَ جو ليبل هڻندا هئا. ساڳيءَ طرح ڏاڻا، لال مرچ، ڪارا مرچ، سفيد جيرو ڪارو جيرو دالچيني، سُرهي جيري، گدامڙي، دال چيني، ڪمال پٽ، ننڍيا ۽ وڏا آهر، ڪلونجي هُرٻو هگ، هيڊ، جعفر جلنتري، قيصر، زعفران وغيره ڪُٽي، اُنهن کي پئڪيٽن ۾ بند ڪندا هئا، جن تي هن جي ڪمپنيءَ جو ليبل چپيل هوندو هو. هو اُهي پئڪيٽ بازار ۾ وڪري لاءِ موڪليندو هو. ٻن ماڙن مان هڪ ماڙي ۾ هن جي خاندان جا ڪيئي فرد رهيا پيا هئا، ۽ ٻيا ڪجهہ مسواڙي بہ هوندا هئا، جي هن کي مسواڙ ڏيڻ ۾ تڪليف ڏيندا هئا ۽ هن تي درخواستون ڪندا هئا تہ هن دستاويز فارجري ڪري ٺاهيا آهن. هن جو ڪيس خالد مون کي سپرد ڪيو هو. هو چوندو هو تہ بهادرشاهہ ظفر جي پونيرن مان آهي ۽ دهليءَ جو مهاجر آهي. هن جو منهن گول گپي وانگر لڳندو هو، رنگ زرديءَ مائل، قد جو ڇوٽو، پيٽ ڪجهہ ٻاهر نڪتل، چولو تنگ پاجامو ۽ اچڪن پاتل. جڏهن اسان جي هاسٽل ۾ ايندو هو تہ نمي فرشي سلام ڪندو هو. اشرف جو هڪ مهاجر دوست فريئر روڊ تي ايس. ايچ.او هو، جنهن سان مون کي اشرف واقف ڪرايو هو. مون اُن ايس. ايچ. او

ڪان هن کي سندس ڏنگا مسواڙي سڏا ڪرائي ڏنا. هو ٿاٽي تي مس گهرايا ويا تہ ڦِسي پيا. سو هن هڪ پيري منهنجي گهر رات جي ماني ڪئي. هو مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي هليو جتي هن جي زال ۽ ڌيءُوينيون هيون. هن جي ڌيءَ کي فرشي غرارو نندي قميص ۽ گوٽي ڪناري وارو چُٽيل دوپٽو پيو هو ۽ هن جي زال کي چوڙيدار پاجامو چارڪلين جو ڪُرتو ۽ چُٽيل دوپٽو هو. هن جي زال جو نالو روشن آرا بيگم ۽ ڌيءَ جو جهان آرا هو. ماءُ وڏي اڇي انگور جي ول وانگر لڳي رهي هئي ۽ ڌيءَ سندرخاني انگورجي وَل وانگر. مانيءَ ۾ هن تريل مغز نرگسي ڪوفتا، پارنهن مصالحي وارو مُرغ، نان، برياني، سِري پاوا، ڪٽي مصالحي جي مسُور جي دال ۽ زعفران وارو زردو ڪيو هو. مون ايڏو ڪاڏو ڏسي، هن کان پڇيو تہ "اسين ڪائڻ وارا تہ چار آهيون، هيڏو تڪلف ڇا لاءِ؟" تاجر جواب ڏنو "هي منهنجي زال خاص تنهنجي ڪري پچايا آهن، تون اسان جو محسن آهين؛ جي ڪاڏو بچي پيو تہ هيٺ رشتي دارن ڏانهن موڪلي ڏينداسين." هن ڌيءَ کي چيو تہ "تون پنهنجي لاءِ ڪاڏو پليٽ ۾ کڻي، پر واري ڪمري ۾ وڃي کاءُ." پوءِ هُن "تئنتي گن ون سئليوٽ" جي بوتل کولي ۽ مون کي ۽ پنهنجي زال کي ڊبل پيگ ڏنائين ۽ اُنهن ۾ پاڻي وڌائين ۽ پاڻ ٽيون حصو گلاس جو کنيائين ۽ اُن ۾ سوڊا وڌائين. پي ڪري، مان نان، هڪ وڏو نرگسي ڪوفتو ۽ ڪجهہ پارنهن مصالحي وارو مُرغ کاڌو تہ هن جي زال مون ڏانهن زعفران وارو زردو وڌايو. تاجر ماني بہ کائي رهيو هو ۽ پي بہ رهيو هو. هن ڇهہ ست نرگسي ڪوفتا، تريل مغز سِري پاوا ۽ ساري مسور جي دال هن ڪلاڪ کن کاڌي، ۽ چيائين تہ "ڪجهہ ڏند ۾ سور آهي، ان ڪري آهستي ٿو کاوان." هن جي زال برياني ۽ بہ نرگسي ڪوفتا کاڌا. هوءَ سنهي ۽ شيشي جي صراحيءَ وانگر نازڪ ٿي لڳي. وسڪيءَ هن جي سُفيد منهن تي لالائي آڻي ڇڏي هئي ۽ شفق ۾ موتيي جي گل وانگر لڳي رهي هئي. هن کي مولسريءَ جو عطر لڳل هو ۽ ٻانهن ۾ چوڻي ۾ موتئي جا گجرا پيل هئا. ميز تي گلدان ۾ رات جي راڻيءَ جون ڪيپيل ٽاريون پاڻيءَ ۾ رکيون هيون. چوڌاري خوشبو ڦهليل هئي. مون کي اِئين لڳو تہ مان باغ جي ديوار ٽپي، اورنگزيب جي ڀيڻ روشن آرابيگم جي ڪمري ۾ گهڙيو آهيان ۽ اجهو ٿو مون کي اورنگزيب گرفتار ڪرائي باغ جي ديوار تان هيٺ اُڇلارائي. ماني کائي، تاجر مون کي پاندان ۾ پان ۽ قوام ۾ ڀيون ڪجهہ

شيون وجهي پيش ڪيون. مون پان ڪاڏو مس تہ ڦيراتي آئي، پيو اهڙو پان هن پنهنجي بيگم کي پيش ڪيو ۽ پان ۾ اسان کان ٻيٽو تمام ڪائي، پنهنجي بستري تي اونڌو ٿي سمهي پيو ۽ کونگهرا هڻڻ لڳو. مان اُٿي بيٺس تہ بيگم کان موڪلايان تہ مون کي تيڙ آيو هن منهنجي چيلهہ ۾ ٻانهن وجهي مون کي سهارو ۽ ڪنڌ تي چمي ڏني، پوءِ مڙس ڏانهن ڏسي چيائين تہ هن جي هاڻي شبِ برات شروع ٿيندي ۽ ڦٽاڪا ۽ سوسڙيون ساڙيندو. هَل تہ مان توکي خالي ڪمري ۾ وٺي هلان. تون رات هتي رهي سگهين ٿو. پوءِ هوءَ ٿئين ڪمري ۾ وٺي ويئي، جو خالي هو ۽ جنهن تي ٻٽو بسترو پيو هو. مون کي گمان ٿيو تہ ٻئي ڪمري جي وٿيءَ مان جهان آرا اسان کي ڏسي رهي آهي. مون کي گهيرٽ اچي رهيا هئا ۽ اجا پانَ جو اثر نہ لٿو هو. هُن منهنجي ران کي دٻايو ۽ منهنجو هٿ جهلي هٿ تي چُمي ڏني. هاڻي مون کي اُها رات ياد ڪري هن لاءِ هڪ تشبيهہ سُجهي، اچي ٿي. مون واديءَ سوات ۾ سيدو شريف ۾ مرغِ زرين ڏٺو هو جنهن جو طلائي رنگ هو ۽ جنهن کي ڏسي مون کي نرميءَ ۽ گرميءَ جو احساس ٿيو هو پر اُها گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي. صبح سان مون کي اٺين وڳي جاڳ ٿي تہ هوءَ بہ اُٿي ويئي، منهن ڌوتائين ۽ ٻاهر وئي. پوءِ موٽي اچي چيائين تہ ”منهنجو ميان اجا محو خواب آهي ۽ خراٽا هڻي رهيو آهي.“ ٿوريءَ دير کان پوءِ چيائين، ”منهنجي ڌيءَ سان شادي ڪر، منهنجي مُڙس کي دل جو عارضو آهي، هن کي ڊاڪٽرن صلاح ڏني آهي تہ ٿورو ڪاءِ ۽ پانُ ۾ تماڪو تہ بلڪل نہ کاءِ! پر هُو مڙي نہ ٿو نہ ڇاڻان تہ هو عدم جو راهي ٿئي، جهيز ۾ توکي بہ ماڙا ۽ ڍير سارا زيور ۽ ٻي ملڪيت بہ ملندي، پر مان بہ ملنديس.“ مون کي وري پلنگ تي ننڊ وٺي وئي، جڏهن 12 بجي جاڳ ٿي مون ڏٺو تہ هُن جي جهان آرا بيگم منهنجي بستري جي سامهون آرام ڪرسيءَ تي ويٺي آهي ۽ ڪوئي ناول پڙهي رهي آهي. هن پرسان ميز تي رکيل چاءِ دانيءَ تان ٽي ڪوزي هٽائي، مون کي چاءِ ڏني. چاءِ ۾ الاچيءَ جي خوشبو هئي، هن چيو تہ ”بابا، هاڻي تيار ٿي ڏنڏي تي ويو ۽ چئي ويو تہ ”هن رات گهڻو پيتو هو هن کي ننڊ مان نہ اُٿارجو! آمي وهنجي رهي آهي.“ پوءِ ريشمي آواز ۾ پڇيائين، ”اياز صاحب! اوهان دِلي ڏٺي آهي؟“ مون چيو تہ ”نہ، پر دهليءَ تي مون کي مير تقي مير جو هڪ شعر ٿو ياد اچي:

دلی ایک شہر تھا عالم میں انتخاب
ہم رہنے والے ہیں اُسی اجڑے دیار کے۔

هوءَ اهو شعر ٻڌي ٻهڪي اُٿي تہ منهنجو اُردو جو تلفظ صحيح ۽ شاعريءَ سان لڳاءُ آهي. هن وڌيڪ پڇيو تہ ”اوهان دِليءَ جا ٻيا بہ شاعر پڙهيا آهن؟“ مون جواب ڏنو ”سودا ۽ ٻيا بہ ”دليءَ جي بستان“ جا شاعر پڙهيا آهن!“ ان تي هن چيو ”سودا جو ڪوئي شعر ياد اٿي؟“

مون شعر پڙهيو:

”فجر ہوتے جو گئی آج مری آنکھ جھپک
دی وہیں آج خوشی نے درد دل پر دستک۔

”واه واه“ جهان آرا بيگم چيو ”ڇا نہ برمحل شعر آهي.“ مون هن کي ٻڌايو تہ مون نہ فقط سارو ديوان غالب پڙهيو آهي، پر هن تي حاليءَ جو ”يادگارِ غالب“ پڙهيو آهي. عبدالرحمان بجنوريءَ تي غالب جو ڪتاب پڙهيو آهي. مون ذوق، ظفر ۽ مومن کي بہ پڙهيو آهي، پر مومن ۽ غالب تي اُنهن جي معنيٰ آفرينيءَ جي باوجود لکنوي اثر بہ آهي. نہ رڳو مرزا شيفتہ ۽ سخن فهميءَ جي باري ۾ بہ ڄاڻان، پر ”لکنوء“ ۽ ”دليءَ جي دبستان“ ۾ فرق بہ ڄاڻان، پر منهنجي خيال ۾ دهليءَ جي زبان مستند ۽ معياري آهي.“ اهو ٻڌي، چڙهُ هوءَ برف جي ڳنڍي وانگر رجي وئي. هن اُردوءَ ۾ ايم. اي ڪئي هئي. ايتري ۾ روشن آرا بيگم وهنجي سهنجي آئي. هن کي پيشوار ۽ چوڙي دار پاجامو پيل هو ۽ ڳنڊڙا ڪاڪُل ۽ ڪجريون اکيون هيون، ۽ هن موتئي جو عطر لاتو هو. هُن جي ڏيءَ اهو چئي موڪلايو، ”مون کي معلوم نہ هو ڪنهن بہ سنڌيءَ کي اُردوءَ تي عبور تي سگهي ٿو.“ روشن آرا دري کولي، رات واري وسڪي ۽ گلاس ڪڍيا، پر مون هُن کي چيو تہ ”مان هٿ مُنهن ڌوئي، آفيس ٿو وڃان. رات موتي ايندس.“ توريءَ دير کان پوءِ مون هيٺ لهي، وڪٽوريا ڪرائي تي ڪئي، ۽ غالب جو هيئين شعر جهونگاريندو آفيس پهتس:

تھا خواب میں خیال کا دل سے معاملہ
جب آنکھ کھل گئی تو زیاں تھا نہ سود تھا۔

رستي تي مون کي پاڻ کان ڪِرپ اچي رهي هئي. روشن آرا بيگم جي

مڙس جي پُرخوري، ننڊ ۾ کونگهرا، هن لاءِ نفرت جو اظهار بي خطر عياشي ۾ هن جي ڏيءَ جو خاموش تماشائي بڻجي رهڻ، مون کي ڏاڍا اُگرا لڳا. ٻون سوچيو تہ هن حياتيءَ ۾ مان ٻڳري ويندس، جيئن سون تيزاب ۾ ٻڳري ويندو آهي. مال و منال لاءِ خواب وخيال جي قرباني عبث آهي. مان خالد کان پندرهن ڏينهن موڪل گهري چيو تہ "مان سڪر شاديءَ لاءِ ٿو وڃان. جي تون ۽ عبدالقادر مون سان گڏجي هلندا تہ منهنجي عزت افزائي ٿيندي" هُن مجبوري ڏيکاري ۽ مان ڏينهن واريءَ ٽرين ۾ شڪارپور هليو ويس ۽ رات جو دير سان اُتي پهتس. مون ماءُ کي پنج هزار رپيا ڏنا ۽ چيو تہ "مون کي زرينا سان شادي ڪراءِ." هوءَ مون سان اڳئي مڱيل هئي، هفتي کان پوءِ اسان جي تِٽ پڌي وئي ۽ شاديءَ کان اڳ اُهي ريتيون رسمون بجا آنديون ويون، جن جو مان هٿي ياڳي ۾ ذڪر ڪيو آهي. جُهمر بہ وڏي وئي ۽ هوجمالو بہ ڳاتو ويو. جڏهن مون کي کير پيئڻ لاءِ چيو ويو، تڏهن مون سَسُ کي چيو تہ "پهرين زرينا کي پيئار پوءِ مون کي ڏي" شاديءَ رات مون جڏهن هن جو گهونگهٽ هٽايو تہ هوءَ گلِ انار وانگر لڳي، غزالي اکيون، نڪ ۾ ڪن ڊولائتا ۾ چپ ڪپيل انجير وانگر هئا، هن جي چيلهہ تائين لڙڪندڙ ڪونيارين جهڙيون چوٽيون هيون ۽ هٿن ۽ پيرن تي مينديءَ سان گل ۽ اکين ۾ ڪارو ڪجل هو. هوءَ ساري سون جي زيورن سان جهنجهيل هئي، نڪ ۾ هيري جي ڪٿي، ٻانهن ۾ هيرا جَڙيل ڪنگڻ، چندن هار ٻُندا، جن ۾ نيلم جڙيل هئا. اهو سارو ڏاج هن لاءِ پيءُ ٺاهي ويو هو. هوءَ ڪنول جي گُل وانگر تازي ۽ اڇوتي هئي، ڇڻ الف ليليٰ جي ڪتاب مان نڪري آئي هئي. ڏهاڪو ڏينهن شڪارپور ۾ رهي، مان زرينا کي فرسٽ ڪلاس جي گاڏي ۾ وٺي آيس. هن کي هرمچ جو چولو ۽ سوسيءَ جي شلوار پيل هئي، جنهن جي پاچن تي ڪلاباد پريل هو. گاڏيءَ ۾ اتفاقاً ٻيا مسافر ڪونہ هئا. گاڏيءَ جي دريءَ مان چنڊ اسان کي حسرت سان ڏسي رهيو هو. پاسن کان ٿوهر جا وڻ ۽ ٻُٽَ ڏرتي هئي، جا آئندي جي نشاندهي ڪري رهي هئي. مون کي لانديءَ ۾ ننڊ اچي وئي ۽ زرينا مون کي سٽي اسٽيشن تي جاڳايو. مون ننڊ ۾ ڏٺو تہ بهشت ۾ بيٺو آهيان ۽ بي بي حوا کان پڇي رهيو آهيان تہ "کهڙو ميوو چني رهي آهين؟" هن جواب ڏنو تہ "نالو پڇي ڇا ڪندين؟ کائي ڏس تہ پتو پويئي." مان کيس حشوءَ واري فليٽ ۾ وٺي آيس، جتي حشوءَ جي ملڪ بدريءَ کان پوءِ آءٌ

رهندو هوس.

خالد جي آفيس ۾ مون کي معلوم ٿيو تہ مهاجر تاجر منهنجي پٺيان آيو هو ۽ منهنجي لاءِ پڇيو هئائين تہ ڪيس ٻڌايو ويو تہ مان ڳوٺ شاديءَ لاءِ ويو آهيان. اُن کان پوءِ هو نہ آيو هو. مون زرينا کي ڪراچيءَ ۾ ٻي پردي گهمايو ۽ جڏهن اسان سئنيما تي ويندا هئاسين يا صدر ۾ خريداريءَ لاءِ ويندا هئاسين، تڏهن ماڻهو مُنهن ورائي هُن ڏانهن ڏسندا هئا. زرينا جي صحبت ۾ مون کان ماضيءَ جا پل ائين وسري ويا، جيئن ساوڻ جي مينهن ۾ وڻن جا پن ڌوپي ويندا آهن ۽ رابيل ۽ گلاب لهرائيندا آهن.

❊ ❊ ❊ ❊

جهُڙاليءَ ۽ ترائيءَ کي ڇڏي، ٿَتي سج ۾ رُڃ جو پيڇو شاعر جي فطرت ۾ آهي. منهنجي شاعريءَ جو پس منظر اُڃ آهي، جا اُجهي نہ ٿي اُجهي ۽ رُڃ آهي جا کُٽِي نہ ٿي کُٽي!

ڇا، غالب جو سڄو ديوان ڊومنيءَ (لنگهياٽيءَ) سان عشق جي تخليق هو؟ ڇا، حافظ جي ديوان لاءِ مُتحرڪ جذبو فقط شاخِ نبات پيدا ڪيو هو؟ منهنجي وجود ۾ شيلي ۽ بائرن هڪٻئي سان پنجہ آزمائي ڪندا رهيا آهن؟

لڪندي لڪندي، مون کي ننڊ اچي وئي ۽ خواب ۾ مون هڪ چاپلوس، هَر تالو فريبي ۽ حرفتي دوست ڏٺو. هُن اسلام جو ڊِؤنگ رچائي پنهنجي گهر ۾ آيتون ٽنگيون هيون. مون کي ڏسي چيائين تہ ”ٻيءَ دنيا لاءِ هن دنيا ۾ ثمر ٿاهجي.“ مون هن کي جواب ڏنو تہ ”تون پنهنجي رزرويشن ڪرائي وٺ! مون واري ٽرين ڪافي دير سان ايندي“ مون ڏٺو تہ هن خار ۾ منهنجي گل دستي مان سڀ کان دلفريب گُل پتيون پتيون ڪري ڇني ڦٽي ڪيو. پوءِ منهنجي اک کلي وئي، ۽ انسان جي بي وفائيءَ، خود مطلبيءَ، غداريءَ ۽ اذيت پسنديءَ تي سوچيندي، ننڊ نہ آئي.

مون انهيءَ دلفريب گُل تي بہ سوچيو. آتم ڪهاڻيءَ جي حصي ٽئين ۾ مون لکيو آهي تہ عشق جو سائنسي تجزيو ناممڪن آهي. شايد هر انسان ۾ ڪي شعاع ٿين ٿا، جي نظر نہ ٿا اچن. اُهي جڏهن ٻئي انسان ۾ نڪرندڙ شعاعن سان ملي اچن ٿا، تڏهن اُنهن ۾ هڪٻئي لاءِ ڪشش پيدا ڪن ٿا ۽ ڪنهن مهل تہ هڪ نظر ۾ عشق ٿيو وڃي. اهو عشق ڪڏهن هڪ انسان سان عمر ڀر هلي ٿو ڪڏهن ڪڏهن بار بار وجود ۾ اچي ٿو. ڪنهن وقت ٻن

انسانن کي ملي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ اسان صديون اڳي مليا آهيون. ڪنهن جاءِ تي، جا ڏُنڌ ۾ ڪوهيري ۾ ڍڪجي وئي آهي، پر محبت جو زنجير اجا ٽٽو نہ آهي.

لاڙڪاڻي ۾ اڪبر آشرم وارو سام جئسنگهاڻي چوندو هو تہ هو اربندو گهوش سان پانڊيچريءَ واري آشرم ۾ مليو هو ۽ جنهن مغربي عورت کي آشرم ۾ "ماتا" چوندا هئا، تنهن کي ان ڳالهہ تي وشواش ڏياريو ويو هو تہ هوءَ ۽ اربندو گهوش اڳئين جنم ۾ پتني ۽ پتي هئا ۽ ان ڪري هوءَ پنهنجي مڙس کي ڇڏي، اچي سندس آشرم ۾ رهي هئي. مان پانيان ٿو تہ سام پنهنجو سارو ڪٽنب هندستان ۾ ڇڏي، اڪبر آشرم واريءَ ماتا کي بہ ساڳيءَ ڳالهہ تي وشواس ڏياريو هو ۽ ان ڪري هوءَ سام جي ڇوڏاري پنيوريءَ وانگي پرندِي وتندي هئي، اها ئي ڳالهہ آهي تہ هُن کي اربندو گهوش جيترا شِش ڪونہ هوندا هئا.

مان خالد وٽ آسودي زندگي ڇڏي، اندرينءَ سنڌ ڪيئن ۽ ڇو ويس.- اِهو مان اڳ لکي چڪو آهيان.

هن وقت تائين قدرت مون کي ضرورتمند نہ بڻايو آهي، ۽ نہ مون ڪنهن جي اڳيان پيسي لاءِ هٿ ڦهلايو آهي.

ڪبير ڀڳت ۽ ساميءَ وانگر مون مايا کي ڏُوتي سمجهي ٺڪاريو آهي.

علامہ اقبال کهڙو نہ چڱو چيو آهي:

پانی پانی کر گئی مجھ کو قلندر کی یہ بات
تو گر میرا نہیں بنتا نہ بن، اپنا تو بن
من کی دولت ہاتھ آتی ہے تو پھر جاتی نہیں
تن کی دولت چھاؤں ہے، آتا ہے دھن جاتا ہے دھن.

بابا چوندو هو تہ دولت هٿن تي مَرُ آهي، پاڻيءَ تي ڇٽُ آهي، آني جاني آهي، اِتي ئي رهڻي آهي، لحد ۾ ڪڏ ڪوٺي، پورين تہ ڇا نہ پورين تہ ڇا. هي جيڪي ماڻهو دولت لاءِ هڻ هٽان، وٽ وٺان، ميڙ ميڙان ۾ مصروف آهن، اهي نہ ٿا ڄاڻن تہ ٻئي جهان لاءِ ٽرئولرس چيڪ نہ ٿيندا آهن. عزرائيل اوچتو اچي پر گهٽ ٿيندو آهي، ۽ وزٽنگ ڪارڊ موڪلي نہ ايندو آهي.

❊ ❊ ❊ ❊

اڄا هيٺ وچي وڪالت واري دؤر جي يادگيرين جي هٽي تهہ- خاني جو قلف کوليان ٿو:

وڪالت کان اڳ ۾ سَنَدَ لاءِ مون کي پئسي جي ضرورت پئي. مون ابراهيم جويي سان ڳالهہ ڪئي، هو سعيد منزل ۾ بندر روڊ تي رهندو هو. هن سان گڏ هڪ پي. ڊبليو.ڊي جو ڊپٽي سيڪريٽري رهندو هو. هن مون کي سيڪريٽريٽ ۾ ملازمت وٺي ڏني. مون سان منهنجو ڪلاس فيلو عيدن (عيد محمد) بہ ساڳيءَ آفيس ۾ ملازم هوندو هو. مون هن کي چيو تہ منهنجو ڪم هو ڪري يا ٻئي ڪلارڪ کي چئي تہ اُهو ڪري، ۽ ان ڪري جيڪا بہ رشوت مليس، اُها کڻي. مان روز آفيس ۾ سارو وقت ڪوئي ناول يا ٻيو ڪتاب پڙهندو هوس. اُتي ئي مون سمر سيٽ مام جا سڀ ناول ۽ افسانا، وليم فاڪنر ۽ ٻين ناول نگارن جا ناول پڙهيا. مان روز هڪ اڌ ڪتاب پڙهي، درخواستن تي ٻين جي لکيل نوٽن تي صحيحون ڪري اُٿي ويندو هوس.

ڇهن مهينن کان پوءِ اسان جو جونير اسسٽنٽن جي تقرريءَ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس ۾ امتحان ٿيو. اُن ڏينهن مان جرمن ناول نويس، هرمن هيس، جو ناول ”سدارٿ“ پڙهي رهيو هوس. نهايت دلچسپ ناول هو. نوڪريءَ واري وقت، مون ٽئگور جي گيتا نجلي ۽ ٻيا نظمن جا مجموعا، ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهيون. هن جو ناول ”نبودني“ مون کي خاص طور تي وڻيو جو اسڪول واري زماني ۾ مون پهرين رتن يا سُندر ساهتيہ ۾ پڙهيو هو. منهنجي دوست، عبد الستار شيخ، جيڪو مون سان ايل.ايل.بي گڏ پڙهندو هو، مون کي هئمبرگ جي خلاصين جي يونين جي سيڪريٽري جنرل جي آتم ڪهاڻي بہ ڏني، جا هُن کي ڊاڪٽر مهڪريءَ ڏني هئي. اُها اسٽالن جي ظلم وستم جو لرزه خيز داستان هئي، جا پڙهي اعتبارئي نٿي آيو تہ اُهو سچو داستان سچو آهي يا امپيريلسٽ پروپئگنڊا آهي، ۽ ساڳي ڳالهہ ايم. اين.راءِ پنهنجي رسالي ”انڊيپينڊنٽ انڊيا“ ۾ پڻ ڪندو رهندو هو.

مون کي اوچتي جهٽڪي سان ياد آيو تہ اڄ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان آهي. مان ڪتاب ميز جي خاني ۾ رکي، تڪڙ ۾ پبلڪ ڪيشن جي آفيس ۾ پهتس، جا سيڪريٽريٽ جي ويجهو هئي. مون مسٽر هگوراڻي، سيڪريٽري پبلڪ سروس ڪميشن، کي چٺي ڏياري موڪلي تہ مان هاڻ پهتو آهيان، ۽ مون کي امتحان ۾ ويهڻ ڏنو وڃي. هگوراڻيءَ مون کي هڪدم

گهرايو ۽ انگريزيءَ ۾ پڇيو تہ ”چا، تو نہ ٿي چاتو تہ تون زندگيءَ جو هڪ ئي موقعو (A Life's chance) وڃائي رهيو هئين؟“ مون ڪيس انگريزيءَ ۾ نهايت خود اعتماديءَ ۽ تُرشيءَ سان نهہ پهہ جواب ڏنو تہ ”مسٽر سيڪريٽري! تون ڪو خدا تہ نہ آهين، جو مون تي مستقبل جا دروازا بند ڪري ڇڏيندين. جيڪي بيا ڪلارڪ ٿن ڪلاڪن ۾ ڪري سگهندا آهن، اُنهن کان بهتر مان هڪ ڪلاڪ ۾ ڪري سگهندو آهيان.“ منهنجو تُرت جواب هگُوراٽيءَ ڪي واهولي جي ڏڪ وانگر لڳو. هو منهنجي ايتري جرئت ۽ پاڻ تي بي پناهہ ڀروسو ڏسي ۽ انگريزيءَ جي رواني ڏسي، حيرت ۾ رهجي ويو ۽ مون کي ڏسي چيائين تہ ”توکي ڪهڙي ڊگري مليل آهي؟“ مون ڪيس جواب ڏنو تہ ”مان لاگريجوئيٽ آهيان.“ اوچتو هن پنهنجي غصي تي قابو ڪري پنهنجي پي. اي کي چيو تہ ”هن کي امتحان ۾ ويهڻ ڏنو وڃي، ڏسان تہ ڪهڙا قاڙها ٿو ماري؟“ مون واچ ۾ ڏٺو تہ باقي پنجيتاليهہ منٽ بچيا هئا. مان چاليهن منٽن ۾ پيپر پورو ڪري پنج منٽ اڳي هليو ويس. جڏهن نتيجو نڪتو تڏهن معلوم ٿيو تہ مان ستون نمبر آيو هوس.

منهنجي آفيس ۾ هُلچلو مچي ويو ۽ سيڪنهن مون کي مبارڪون ڏنيون. مون کي ائين محسوس ٿيو تہ مون کي ڳسيءَ جا ڪيڙا ورائي ويا آهن. اُنهن مان هڪ موٽي ڪيڙي، آفيس سپرنٽنڊنٽ هادي بخش شيخ، جو شڪارپور جو شيخ هو ۽ منهنجو مائٽ بہ هو، تنهن مون کي گهرائي چيو تہ ”چڱو جو تون امتحان ۾ پاس ٿئين! نہ تہ مون تنهنجي خلاف ڊپٽي سيڪريٽريءَ کي دانهن ڏني هئي تہ تون ڪم نہ ٿو ڪرين.“ مون ڪيس جواب ڏنو تہ ”توهان ٻئي پيري منهنجي دانهن ڏيو ان کان اول توهان کي منهنجي استعيفيٰ ملندي.“ هُو اڇي ڏاڙهيءَ وارو صوم وصلوات جو پابند هو ۽ رٽائرمينٽ جي ويجهو هو. ۽ جڏهن هن جي پهرين زال مري وئي، تہ هن پنهنجي اولاد کان ننڍيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، ۽ جڏهن اها ويم ۾ مري وئي تہ اُن جي ننڍيءَ ڀيڻ سان شادي ڪئي هئائين.

پوءِ مون زرينا جي مامي، شيخ واجد عليءَ کان سند لاءِ پئسا ورتا ۽ اُن جو احوال اڳي لکي چڪو آهيان. مون شيخ هادي بخش جي آفيس ۾ وڃي استعيفيٰ هُن جي ميز تي رکي. هو واٽڙو ٿي، مون کي ڏسڻ لڳو. ائين مون کي سيڪريٽريٽ جي بدبودار ماحول مان نجات ملي، جتي مان لُبو ٿُبو

ڪانجهيءَ تي گذر ڪندو هوس.

سيڪريٽريٽ ۾ منهنجو هڪ خاص دوست هوندو هو نذر دائودپوٽو. نذر جونيئر اسسٽنٽ هو ۽ ڪوجهو ۽ ڪُروپ هوندو هو ۽ ڪارڪٽڇي وانگر لڳندو هو. هُن جي اکين هيٺان هن جا پيڏ ٻاهر هوندا هئا. ۽ جڏهن هو عينڪ پائيندو هو تہ قبرستان جي اُلوءَ وانگر لڳندو هو. هن جا ڏند ٽورا وڏا هئا ۽ اُهي مٿئين چپ سان ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هن جو قد ڪاٺ سنهو هو ۽ هو اُن تي ڪاري شيرواڻي پائيندو هو تہ جگر مراد آباديءَ وانگر لڳندو هو. هن جا ڏند هيرڻ جي ڪڪڙن وانگر آڱاريءَ لڳل هئا ۽ ننهن ۽ شيريون اکيون جهنگ ٻلي وانگر هونديون هيون. هو مون سان سيڪريٽريٽ جي ڪئفي ٽيريا ۾ مليو هو. ڇا نہ گُل وگلزار طبيعت وارو مڙس هو ۽ ڇا نہ هن جو ادب ۽ فلسفي جي مطالعي سان شوق هوندو هو! ڪنهن کي شڪ بہ نہ پوي ها تہ ان ميري ڪالر ۽ شيرواڻيءَ هيٺان ايتري اڇي اُجري دل لڪل هوندي. هو ڳاڻ ڳڻيو سنڌي هو جنهن کي مون وانگر غالب ۽ مير ڪان وٺي، فيض احمد فيض ۽ ن. م. راشد تائين عبور هو. هو بازارِ حسن جو رَسيا بہ هوندو هو. هر هفتي ٽَري جو پؤوو پي، نان سان سيخ ڪباب کائي، نيپئر روڊ تي دل وندرائي ايندو هو ۽ جڏهن موٽندو هو تہ نقشِ فرياديءَ مان فيض احمد فيض جي غزل جو مقطع جهونگاريندو ايندو هو:

اک فرصت گناہ ملی وہ بھی چار دن،
دیکھے ہیں ہم نے حوصلے پروردگار کے

هو هر مهيني ۾ بہ پيرا پوڳ ولاس ڪندو هو ۽ پئسا ڪٺي ويندا هئس تہ ڪانجهي کائيندو هو. هو چوندو هو تہ "جي مغربي فيلسوف برڪلي، مون سان ملي ها تہ هن کي نيپئر روڊ ۽ صدر ڏيکاري پڇان ها تہ ڇا، ٻنهي هنڌن تي موجود عورتن ۾ ساڳي حقيقت جلوه گر آهي؟" هو ايترو بدصورت انسان هوندو هو. جو پئسي جي لالچ تي فقط هڪ قحبہ ئي هن کي پيار آڇي سگهندي هئي، باقي صدر ۾ زرق برق لباس واريون نازنينون هن کي ڏسي، منهن ڦيري ڇڏينديون هيون. هو چوندو هو تہ "گناه ۽ ثواب ماڻهوءَ جي دماغ جو فتور آهن؟" هو اهو بہ چوندو هو تہ "جي خدا آهي تہ انصاف پسند نہ آهي، نہ تہ مون کي ايترو قبيح صورت نہ بڻائي ها!" هن جو پُنَرَ جنم ۾ پورو ويساهہ

هو ۽ چوندو هو تہ "انسان ڪِئي جو ڪيتو ڏئي ٿو." ساڳئي وقت اهو بہ چوندو هو تہ "اِهي جپ تپ سپ ٺڳيءَ جا ناهہ آهن. وڻ جي ڇانوَ ۾ آهلي پوڻ جو هر موقعو غنيمت آهي، ڇو تہ حياتي هڪ تتي رڻ وانگر آهي. خوش نصيب آهي اُهو جو ٿڌيءَ هير ۾ آک لائي ٿو وٺي."

هو جڏهن بازار حسن مان نئين وَٿ ڪري ايندو هو، تہ ان تي ڪيتري دير ڳالهائي، سواد وٺندو هو. هڪ ڀيري هن جي مقرر ڏينهن تي قولنج (پيٽ ۾ سور) ٿي پيس ۽ بازارِ حسن ۾ وڃي نہ سگهيو. ٻئي ڏينهن تي مون کي چيائين، "تنهنجي ازل جو مون ڇا بگاڙيو هو جو منهنجي عيش جي رات خراب ڪيائين؟ پيارا، قدرت جي هر مظهر کان وٺي قولنج تائين هر شيءِ اتفاقي آهي. ان جو ڪوئي ڪارڻ نہ آهي، سڀڪجهہ آڪارڻ آهي."

هو فيض جي ترقي پسنديءَ کي "سياسي هذِيانُ" سڏيندو هو. هن کي پنهنجا سُوريئلِي استعارا هوندا هئا. هڪ ڀيري هو ٽي ڏينهن سانده مون سان ڪئفي ٽيريا ۾ نہ مليو ۽ جڏهن مون هن کان پڇيو تہ "توکي ڇا ٿيو هو؟" تہ جواب ڏنائين تہ "کُنڀيءَ مان سڄو ڏينهن کوتڙ ٿو وهي، ڏاڍيءَ پيڙا ۾ هوس. ڪالهہ پينسلين جي سُئي هڻائي اٿم. اڄ آرام آهي." نذر ايپيڪيورس لاءِ چوندو هو تہ "هن ۾ سرخوشيءَ جا بہ الڳ طريقا نہ آهن. هن فقط لهو ولعب جي تلقين ڪئي آهي ۽ اهائي زندگيءَ جي اذيت مان نجات آهي." ڪڏهن ڪڏهن مون کي گهر وٺي هلندو هو. هن وٽ اسپنوزا، فرانسز بيڪن، هيگل ۽ شوپنهار تي اڌوراٽا ڪتاب هوندا هئا. ٻيا بہ ڪيئي اڌوراٽا ڪتاب هوندا هئس. چونڊ اُردو شاعري، دکن ۾ اُردو، لکنوء جا اُردو شعرا وغيره کان ن. م. راشد جي "ماورا" تائين ڪيئي ڪتاب هوندا هئس. هن جي جيتري صورت خراب هئي، اوتري سيرت چڱي هُئي، پر ڪيس بدصورتيءَ جو پورو احساس هوندو هو ۽ انڪري هو خدا ۽ پيءُ ماءُ کي نہ بخشيندو هو. هڪ ڀيري هن چيو "اياز! شوپنهار دنيا جو وڏي ۾ وڏو فلاسافر آهي. توکي معلوم آهي تہ هو ٻڌ کان متاثر هوندو هو ۽ چوندو هو: سَروَم دُکم دُکَم."

نذر دائودپوٽو منهنجيءَ زندگيءَ جي داستان جو هڪ پورو باب آهي. اُهوئي هڪ شخص هو جنهن سان مان گهٽي ۾ گهڻو مذاق ڪندو هيس ۽ هن لاءِ تہ هزل ۽ هزل نما نظم بہ لکيا هيم. هن جي علم وادب سان شوق سبب مُنهنجي هن سان گهاٽي دوستي ٿي وئي هئي. هڪ ڀيري مون کي هو پنهنجو

گهر ڏيکاري آيو. گمنام گهٽيءَ ۾ هڪ فلئٽ هيس، جا هن جي بوهيمين زندگيءَ جي عڪاس هُئي. ٻئي پيري ولهہ تي وَسي، پوهہ جون هوائون ڪنارين وانگر ڪاري وار ڪري رهيون هيون. منهن ۾ مٿي تي مفلر ويڙهي، مان هن جي گهر ويس، فلئٽ جو دروازو فقط ٻيڪڙيل هو جيڪو کولي اندر ويس تہ ڏٺم تہ نوار واريءَ کٽ تي ليٽي، وليم جيمس جو ”فلاسافي آف پرئگميٽزم“ (Philosophy of Pragmatism) تي ڪتاب پڙهي رهيو هو. ڪمري ۾ چوڌاري اڌوراٽا ڪتاب پريل هئا ۽ هُبس تي ٿِي. هن جي منگالي ۾ ڪوئلا رک تي چُڪا هئا ۽ هو هڪ ٿري ڪٿو ويڙهي ويٺو هو ٻاهر تہ سيارو هو ۽ اُترڙو تي لڳو. مون هُن کي چيو تہ ”سيئاندو ٿو ٿئي، ڪوئي ٿرو هجيئي تہ پيئارا مهيني جا پويان ڏينهن آهن. منهنجي پگهار ختم تي وئي آهي.“ هُن سٽڙ قميص تي ڪاري شيرواڻي، جهوني مارڪيٽ مان ورتل اوني جوراب ۽ بوٽ پاتو ۽ کٽ تان ڪٿو ڪٽي بدن کي ويڙهيو. هُوبهو اُردو رسالي ”ساقيءَ“ جي ايڊيٽر شاهد احمد دهلويءَ وانگر تي لڳو. هن جواب ڏنو تہ ”پگهار تہ منهنجي بہ ختم تي وئي آهي!“ پوءِ هن بہ پراڻيون چادرون رڦ تان چڪي لاٿيون ۽ اُنهن ۾ وليم جيمس سوڌا ڪتاب ٻڌا. فقط هڪ ڪتاب کٽ تي اُڇلي چيائين تہ ”هڪ ٻِڙِ تون کڻ تہ ٻي مان ٿو کڻان ۽ هلي ٿا ڪٻاڙيءَ کي وڪڻون.“ مون جڏهن هن کان پڇيو تہ ”اهو کٽ تي کهڙو ڪتاب ڦٽي ڪيئہ؟“ چيائين تہ ”اهو اُردو ترجمي سان رُباعياتِ عمر خيام آهي.“ جڻ اُنهيءَ هُشي ڏني هُيس تہ ”باقي سڀني کي وڪڻ! اهي سارا فلسفا بڪواس آتي! ڪنهن بہ ازل جي اسرار کي نہ ڄاتو آهي ۽ نہ ڄاڻي سگهندو!“ پوءِ اسان ٻئي ٻِڌون ڪنيون ۽ آياسين ڪٻاڙيءَ جي دڪان تي. ڪٻاڙيءَ هن کي ڏيڍ سئو رپيا آڇيا، جي هُن خوشيءَ سان ورتا. پوءِ چيائين، ”هل تہ بولٽن مارڪيٽ واريءَ بار ۾ ٿا هلون!“ بار ۾ ڪي ڪائونٽر تي محو گفتگو هئا ۽ ڪي تيز ڪائينڊا، ڪجهہ بي سُري آواز ۾ جهونگاريندا ٻاهر تي نڪتا. هڪ جوش مليح آباديءَ جي هڪ سِٽَ تي ڳاتي. ”آواز دي ڪهان هي“، اهو گيت تازو ڪنهن فلم ۾ ڳايو ويو هو. سٽ ڳائي هو ٿڙيو ۽ وڃي ديوار تي هٿ کُتس. اسان ڪائونٽر تي ويٺاسين تہ نذر رم جو آڌيو گهرايو. چيائين ”هي ڏاڍو گرم بہ آهي، سستو بہ آهي، ٿاٿائي وٺائي ڇڏيندو.“

ان کان پوءِ نذر ڪٻاٻن جون بہ سيخون ۽ بہ ٻاهہ تي پڪل جيرن جون

سيخون ۽ نان گهرايا. ڪبابن ۾ گوگائي مرچ هئا. جي ڪائي منهنجو واتُ جلي ويو. پوءِ اسان چٽڻيءَ ۾ ٻوڙي جيرا ۽ نانَ کائيندا بہ رهياسين ۽ پيئندا بہ رهياسين. نذر ڪي جيرن چباڙڻ ۾ تڪليف پئي ٿي ۽ چيائين تہ "تازا ڏند وجهايا اٿم. اجا ڪجهہ ڏُکن ٿا." اسان جڏهن رم جي اڌ بوتل پيتي، تہ گلي ۾ باهہ وانگر لهي ۽ سارو بدن گرمائي ڇڏيائين. اسان جي پرسان بمبئيءَ جا خلاصي وينا هئا. ۽ اوچتو "وندي ماترم" ڳائڻ شروع ڪيائون.

ڳالهيون ڪندي، نذر کان مون پڇيو تہ "فلسفي تي ڪهڙا ڪتاب پڙهيا آتي؟" جواب ڏنائين تہ "ڪيئي پڙهيا اٿم. پر افلاطون ۽ ارسطوءَ کان پوءِ سڀ فيلسوف لال شهباز جا چوها ٿا لڳن." مون هن کان وڌيڪ پڇيو تہ "ڇا اسپنوزا بہ پڙهيو آتي؟" چيائين "ها، پڙهيو اٿم. ساڳي تصوف واري بڪواس آهي." ان تي مون نذر کان پڇيو تہ "نذر! تون ڇا ۾ اعتبار ٿو ڪرين؟" چيائين تہ "آمريڪي فطرت پرست، ٿارو چيو آهي تہ "هڪ دنيا هڪ وقت." جيستائين هِن دنيا جو سوال آهي، تيستائين هوءَ ڪائونٽر حقيقت ئي ڇئبي. منهنجي ڪاريءَ شيرواڻيءَ کان وڌيڪ هِن گهڙيءَ رم جا هي ڪارا جام حقيقت آهن. جي خلاصي جهاز جي ڊيڪ تي پيئندا آهن. اسين بہ جڻ ڪنهن جهاز ۾ سفرڪري رهيا آهيون. جنهن لاءِ ڪوئي بندرگاهہ نہ آهي. هونءَ هيءَ حقيقت هڪ ديواني جو خواب آهي. جيسين هيءَ زندگي حقيقت آهي، اِهي شرابِ ناب جا جام حقيقت آهن. روشنيون حقيقت آهن ۽ اُنهن ۾ ارغواني چهرا حقيقت آهن. ها، اجا جيڪي اڳتي اچڻو آهي، اُهو تہ بهترين حقيقت آهي."

"اڳتي ڇا اچڻو آهي؟" مون هن کان پڇيو.

نذر جواب ڏنو تہ "توکي بغداديءَ وٺي ٿو هلان." اسان ٽيڙ کائيندا ٽرام تي چڙهياسين. پرسان ويٺل ڪنهن متقيءَ نڪ کي رومال ڏنو. نيٺ اسان بغداديءَ پهتاسين. نذر چيو تہ "تون ڳيراتي، مان گُرڙُ پڪُ، منهنجي پٺ تان اچ!" هڪ سنهيءَ گهٽيءَ مان ٽپندي اسان ڪٿي هڪ ماڙِ جاءِ وٽ پهتاسين، جنهن کي ڪپڙي جو پردو ڏنل هو. پرسان نوار سان ڪٽ پئي هئي، جنهن مٿان چڳيرڙي چادر پيل هئي. ويهاڻي تي مٿو رکي هڪ سلاٽتي ڇوڪري ليٽيل هئي، جنهن جو چاڪليٽ کان ڪجهہ ڦڪيرڙو رنگ هو. هن کي سفيد ڪپڙا پيا هئا ۽ انارن جيترا اُرهہ هن جي سئيٽر مان اُڀري رهيا هئا.

هن سگريٽ مان گهرو ڪش هڻي، ڦڦڙن ۾ دونهون ڪڍي، جڏهن نڪ مان دونهون ڪڍيو تڏهن چرس جي هَواڙ ڦهلجي وئي، جا مون کي اصل نہ وڻي ۽ دونهين ۾ منهنجو دم گهٽجڻ لڳو. مان پردو مٿي ڪري، گهٽيءَ ۾ پنج ست قدم اڳتي وڌي ويس، ۽ ناليءَ ۾ پيشاب ڪرڻ لڳس. اجا اُتي پئنٽ جي زپ چڪي رهيو هوس تہ هڪ مڪراني اُردوءَ ۾ ڪجهہ ڳالهائيندو اچي نڪتو. شايد هو ڳائي رهيو هو "لَلَ لَل لا"......... در وٽ پهچي هن ڏنو تہ در اندران بند پيو هو. مڪرانيءَ در کي زور سان ٺڏو هڻي، هڪ گار ڏني. ايتري ۾ چوڪريءَ در کوليو. مڪراني اندر ويو تہ ڌڙام جو آواز ٿيو. مون ڏٺو تہ نذر زمين تي ڪريو پيو هو هن جي عينڪ ٺڪرا ٿي وئي هئي ۽ هو بانبڙا پائي ڪجهہ ڳولي رهيو هو. مون کي مڪرانيءَ ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ "هِن مون کي ٺونشو هنيو تہ منهنجي عينڪ بہ ڪري پئجي پئي ۽ منهنجا ڏند بہ هيٺ ڪري پيا. مون کي تہ ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي. تون جهُڪي مون کي ڏند کڻي ڏي" مون چتائي ڏٺو تہ هن جي پٺيهي تي ٺڪر تي چڪي هئي. مون نذر کي اُٿاريو ۽ کيس ڏند کڻي ڏنا، جي ٺڪر تي پيا هئا. مڪراني سلائتيءَ چوڪريءَ کي چنبڙيو پيو هو ۽ هن جي ڳچيءَ کي ڏندن سان ڪاٽ ڪُتي وانگر ٽُڪي رهيو هو.

مان نذر کي ٻانهن کان وٺي ڪوٺيءَ مان نڪري ويس. نذر چيو تہ "مان عينڪ کان سواءِ ٽرام تي چڙهي نہ سگهندس. مون کي گهر ڇڏي آءُ." مان هن کي گهر ڇڏي آيس، ۽ ڇيچ مان سنهي سوني منڊي لاهي ڏني مانس ۽ چيومانس تہ "ڏند بہ ٺهراءِ ۽ عينڪ بہ وٺي آءُ." ان تي چيائين تہ "سڀاڻي تون اچجانءِ، مان تہ ڏسي نہ ٿو سگهان." ٻئي ڏينهن تي مان هن جي ميز جي کاني ۾ عينڪ جو ڪارڊ ڳولي، ۽ کيس گڏ وٺي، وڃي عينڪ ٺهرائڻ لاءِ ڏني. هن جي پلاسٽڪ جا هيٺيان ڏند جيڪي بہ ٺڪر تي پيا هئا، سي بہ هو ڳنڊائي آيو. اسان سيڪريٽريٽ جي ڪئفي ۾ ويٺا هئاسين تہ پڇيومانس، "نذرا هاڻي، نظر پوئي ٿي؟" پوءِ حافظ جي هينئين سٽ پڙهيم:

کہ عشق آسان نمود اول ولی اُفتاد مشکل ہا

(تہ عشق اڳ ۾ تہ آسان لڳو پر پوءِ مشڪلاتون پيش آيون.)

❊ ❊ ❊ ❊

هاڻي خاص ڪو تسلسل برقرار رکڻ مشڪل ٿي پيو آهي، جيڪي ياد اچي ٿو اهو لکان ٿو. اُن کي ڪا تاريخ ۽ ترتيب نہ آهي، جنهن جو ڪارڻ مان اڳئي لکي چُڪو آهيان:

مان جيستائين ڪراچيءَ ۾ رهندو هوس تہ ڪڏهن ڪافي هائوس ۾ ويندو هوس. جتي جميل الدين عالي، ۽ ضيا جالندهري، جو پوءِ پاڪستان جي ٽي. ويءَ جو جنرل مئنيجر ٿيو اُردوءَ جو نقاد مجتبيٰ حسين، عمر عابد زبيري، موسيٰ بامِجي. بمبئيءَ جو اُردو شاعر اخترالايمان، اشرف، ڪامريڊ نصير حيدر، ڪرار نوري، آفتاب اقبال (جو علامہ اقبال جو وڏو پُٽ هو)، ظهور نظر، جاويد قمر (سنڌي مون کان سواءِ ڪوبہ نہ هوندو هو) ۽ ٻيا گڏبا هئا. ڪافي هائوس برنس روڊ ۽ صدر جي ڪنڊ تي هوندو هو ۽ لاهور جي ڪافي هائوس جي ڏک ڏيندو هو. لاهور جي ڪافي هائوس جي باري ۾ چراغ حسن حسرت جو لطيفو ياد ٿو اچي. هڪ ڀيري هن پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن دوستن لاءِ ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو ٻہ ڪلاڪ ٿي ويا تہ ڪافي نہ آئي، هن هڪ اچي ڏاڙهيءَ واري بيري کي سڏي شڪايت ڪئي. بيري حسرت کان اُنهيءَ بيري جو حليو پڇيو تہ حسرت جواباً چيو "جڏهن مون آرڊر ڏنو تڏهن تہ ڏاڙهي ڪاري هيس، پر هاڻي شايد اچي ٿي وئي هجيس!"

اخترالايمان ٻڌائيندو هو تہ "ميراجيءَ کي پيٽ جي سلهہ ٿي پئي آهي ۽ بمبئيءَ ۾ هن جي زال هن جو خيال رکندي آهي. ميراجي ڏاڍو پيٽ چٽو آهي، چنٽيءَ سان گول گپا، رس گلا، ڪباب، حليم وغيره. هن جي منع ڪرڻ جي باوجود پيٽ ڀري کائيندو آهي، ۽ هو گهڻا ڏينهن نہ هلندو!"

اخترالايمان ٻہ ڪجهہ وقت اڳ گذاري ويو. مان هن تي ڪنهن اُردو رسالي جو نمبر ڏٺو هو. ڇا، شاعر جو پوئين آرام گاهہ رسالي جو نمبر آهي! منهنجي تہ زندگيءَ ۾ اها حسرت باقي نہ رهي آهي، جو مون تي پنج نمبر نڪري چڪا آهن. برسات جو سُهڻيءَ جا ٻہ نمبر، جهولي لال ۽ سپونءَ جو. مون کي پرواهہ نہ آهي تہ مون کان پوءِ مون تي نمبر ڪڍيو وڃي. هيءَ مرده پرست قوم مون کي ڇڏيندي تہ ڪانہ! نہ مون کي ڪنهن گنبذ يا مينار جي ضرورت آهي. مون آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي حصي ۾ لکيو آهي تہ "مينار جي چوٽيءَ تي تہ جهرڪي ٻہ اُڏامي ويهي سگهندي آهي، ڪڙو جو ڪوئي عقاب وانگر آسمان ۾ تڪ ٻڌي بيهي ۽ اُتان هيٺ ڌرتيءَ تي ڏسي سگهي."

هڪ ڀيري تہ مون کي وڪالت کان نفرت ٿي وئي، ۽ مون چاهيو تہ شڪارپور ۾ وڃي، انگريزي اسڪول ۾ ماستر ٿيان. روپ ولاس ۾ هڪُ حسين علي ارباب منهنجي دوست گل محمد شيخ وٽ ايندو هو جو مشهور سنڌي سياح الطاف حسين جو پيءُ آهي، ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿي رٽائر ڪيو اٿائين. هن مون کي هڪ مهاجر عورت جي ناحق بند جي ڪيس ۾ اچي وڪيل ڪيو. شايد انڪري تہ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ مسٽر ضياء الحق چنا، جنهن وٽ اهو ڪيس پيش ٿيڻو هو منهنجي پائيوار شيخ عبدالقادر جو سالو هو. مون هن کان مناسب في ورتي، وڪالت نامو داخل ڪيو. مون ڀانيو تہ ٻئي ڏينهن تي ڪچي حاضري آهي. ٻئي ڏينهن تي مان ڪورٽ ۾ ويس تہ اُها پرَي وٽ پڇري ۾ بيان ڏئي رهي هئي، ۽ نصير حيدر هن جي پرسان بيٺو هو ۽ ارباب جوابدارن جي پچري ۾ ويٺو هو. چنا صاحب اُن ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ "تون ناحق بند آهين ڇا؟" ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ "نہ." چنا صاحب وڌيڪ هن کان پڇيو "تنهنجي عمر گهٽي آهي؟"

"ويهہ سال،" هن جواب ڏنو.

ٽيون سوال چنا صاحب هن کان پڇيو تہ "تو طلاق لاءِ ڪيس وڌو آهي ڇا؟" ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ "ها."

چنا صاحب آرڊر ڪيو تہ "ڇوڪري بالغ آهي، آزاد آهي، جيڏانهن چاهي تيڏانهن وڃي. ڇوڪريءَ ارباب ڏانهن رخ ڪيو جو هڪ رت پوٽو وهيءَ کان مڙيل هو، هن جو رنگ پنگ جي صافي جهڙو هو. نصير حيدر اوچنگارون ڏئي روئي ويٺو ۽ هن کي سڏ ڪيائين. "فلاڻي!" (نالو ياد نہ آهي.) ڇوڪري، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، يار سان نڪري وئي. پوءِ ڪورٽ کان ٻاهر نصير حيدر مون سان مليو ۽ چيائين تہ "ارباب جو ڪيس تو ڪيئن کنيو توکي معلوم نہ هو تہ هو منهنجي زال کي ڀڄائي آيو آهي؟" مون کيس جواب ڏنو تہ "نہ جي مون کي معلوم هجي ها، تہ مان هن جو ڪيس ڪيئن کڻان ها!"

نصير حيدر ڪافي خوبصورت جوان هو پر لڳيءَ کي لعنت آهي، ۽ ڪنهن وقت عورت کي بدصورتي الاجي ڇو ڇڪ ڪندي آهي؟

مون شايد ڪجهہ سال اڳ ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هو تہ ارباب خودڪشي ڪئي هئي، يا اتفاق سان پنهنجو پستول لڳي ويو هوس، پرائي زال کڻڻ مهل ارباب کان علامہ مشرقيءَ جي ۽ اسلام جي تعليم الاجي ڇو

وسري وئي هئي!

مان ڪميونسٽن جو همسفر هوندو هوس. گل محمد ۽ حسين علي خاڪسار تحريڪ ۾ شامل هوندا هئا ۽ ائين سمجهندا ها تہ علامہ مشرقيءَ کان سواءِ اسلامي احياءُ نہ ٿي سگهندو ڇرڻ هو مهدي آخر زمان هوا! هڪ ڀيري شمس الدين شاهہ جي گهر دعوت تي وينو هوس تہ اُتي هڪ پراڻي خاڪسار ٻڌايو تہ مشرقيءَ اسي ورهين ۾ ڪنهن پوئلڳ جي چوڏهن ورهين جي ڌيءَ سان شادي ڪئي آهي. شمس الدين شاهہ جو اڳيون خاڪسار هو چيو تہ "اسان تہ سمجهندا هئاسين تہ "تذڪرو" لکي، علامہ ساريءَ ڪائنات جا اسرار قميص جي هڪ کيسي ۾ وجهي ڇڏيا آهن، پر هاڻي معلوم ٿيو تہ هن نڪاح نامو ٻئي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڇئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪهڙو کيسو ڳورو آهي!" مشرقيءَ جي موضوع تي تہ هاسٽل ۾ هو مون سان وڏا جهيڙا ڪندو هوا ڪامريڊ نصير حيدر مون سان وري نہ مليو آهي. هڪڙو نصير حيدر ڊان ۾ ڪالم لکندو آهي، ڇئي نہ ٿو سگهان تہ اُهو ساڳيو نصير حيدر آهي.

ڪورٽ ۾ نصير حيدر مون کي تاهہ تاهہ ڳوڙها ڳاڙي چيو "ايازا توکي خبر نہ آهي تہ منهنجو زال سان ڪيترو عشق هوا!"

مون کيس چيو تہ "نصير، عشق جو سايو طوبيٰ جي سايي وانگر لڳندو آهي ۽ هر محبوبہ حور وانگر لڳندي آهي، پوءِ هوءَ جهان جي جوٺ ئي ڇو نہ هجي!" مون دل ۾ چيو تہ "عشق حماقت بہ آهي ۽ مصيبت جو ڪارڻ بہ آهي، پر ساڳئي وقت بهشتِ برين جي دروازي جي ڪُنجي بہ آهي." مون "سُرسسئيءَ" ۾ جوين جي ڏينهن جي باري ۾ جو ڪجهہ لکيو آهي ان موضوع تي اهڙي شاعري دنيا جي ورلي ڪنهن شاعر ڪئي هوندي. مان ساري عمر عشق ۾ غرق رهيو آهيان ۽ منهنجي عمر عشق جي رهگذار تي تيز ڪائيندي گذري وئي آهي. مون کي بہ غالب وانگر تجربا ٿيا آهن:

ہاں نہیں خدا پرست جاؤ وہ بے وفا ہی
جس کو ہو دین و دل عزیز اُس کی گلی میں جائے کیوں

پر هُن جي گليءَ جي سِر سِر ڪنهن وقت پيرن کي چقمق وانگر چڪي ٿي.

چنا صاحب پوءِ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو ۽ چيف جسٽس جي نمائندي جي حيثيت ۾ يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جو چار سال ميمبر هو. مان جڏهن هن کي ڏسندو هوس تہ نصير حيدر جا ڳوڙها منهنجين اکين ۾ پرجي ايندا هئا.

مون ڳالھ تي ڪئي ڪافي هائوس جي دوستن جي. جميل الدين عالي منهنجو پراڻو يار آهي. هو رائيٽرس گلڊ جو سيڪريٽري جنرل هو ۽ هن جي سفارش تي منهنجي عدم موجودگيءَ ۾ مون کي رائيٽرس گلڊ جي مرڪزي ڪميٽيءَ تي ڇھ سال کنيو هئائون. ڪجھ وقت اڳ هُن منهنجي جنم ڏينهن تي ڪراچيءَ جي ريلوي هائوس ۾ صدارت ڪئي، ۽ بہ ڏينهن پوءِ هو سينيٽر ڪري کنيو ويو. هن جا جنگ ۾ سوين ڪالم ڇپجي چڪا آهن. هو ڀريون شاعر آهي، جنهن جا اُردوءَ ۾ دوها ڇپجي چڪا آهن، جي هو نهايت سُريلي ۽ پُر اثر آواز ۾ پڙهندو آهي. اڄ ڪلھ هن ۾ سريت پسندي (Mysticism) ڏانهن گهڻو رجحان آهي.

پٺائيءَ جڏهن هينين سٽ لکي آهي:

”ٻُڏندي ٻوڙن ۾، ڪي هاتِڪ هَٿُ وجهن!“ تڏهن معلوم نہ آهي تہ هُن ”هاتِڪُ“لفظ ڪهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪم آندو هو پر اها حقيقت آهي تہ هن عمر ۾ ٻوڙن مان هٿ نڪري ويندا، تہ ٻيهر نہ پئجي سگهندا ۽ درياھ لهوارو لوڙهي ويندو. يوناني فيلسوف ليوڪريشس (Lucretius) چيو هو:

Short is poor man's life here: soon it is gone with no possibility of recall.

(ويچاري ماڻهوءَ جي هتي حياتي ٿوري آهي. جهٽ نہ ٿي گذري، تہ اُها ويندي رهي ٿي، ۽ اها اڻ ٿيٽي آهي تہ اُن کي موٽائي سگهجي.)

مون کان وڌيڪ شايد ڪنهن اديب کي اهو احساس رهيو آهي تہ ”زندگي مختصر آهي، موت اٹل آهي، لهر کي ڪوئي ڪيستائين ترسائي سگهندو. ان ڪري زندگيءَ جي سرگذشت کي ايتري ترتيب بہ نہ ڏيان، اُن جي تراش خراش ايتري بہ نہ ڪريان، جو هيءَ آب بيتي اڌ ۾ نہ رهجي وڃي! هاڻ مان بناچنڊ چاڻ جي آب بيتي لکان ٿو جي اُن ۾ ڪوئي منطقي تسلسل نہ ملي، تہ ائين نہ سمجهيو وڃي تہ مان اُهو ڏئي نہ ٿي سگهيس، پر مون کي واءُ جي جهوٽي وانگر تڪڙ آهي، ان ڪري جيئن وڪالت جي دؤر وارا واقعا ياد اچن ٿا، تيئن لکندو ٿو وڃان.

مون کي هاءِ ڪورٽ يا سپريم ڪورٽ ۾ وڪالت نہ وڻندي هئي. ڇو تہ اُتي ڪاغذي پيپر بُڪ ڏسي، تقرير ڪرڻي پوندي آهي. جيڪو ڄاڻي گهڻي هٺندو آهي، اُهو ڪيس چڱو ڳائيندو آهي! مون کي رت پنڻ وارا ماڻهو وڻندا آهن، جي عدالت جي ڪٽهڙي ۾ هوندا آهن. جڏهن هنن تي شاهديون هلنديون آهن. ان ڪري وڪالت جي فن جو معيار مون لاءِ سُٺي آڏي پڇا رهي آهي. چار واهولي وانگر سوال ۾ گواهہ ڍيري سچ کي سچ ڪري پڳ پڌائڻ ۾ ڪوڙ کي ڪوڙ ڪري ننگو نچائڻ ۾ مون کي مزو ايندو هو. آڏي پڇا سِتار وانگر هوندي آهي، ڪنهن وقت ڪهڙي تار ڇيڙبي آهي، ڪنهن وقت ڪهڙي! سو بِنا ڇنڊ ڇاڻ، تور تڪ ۾ اڳ پوءِ جي جيڪي ياد اچي ٿو لکندو ٿو وڃان.

❊ ❊ ❊ ❊

مان اجا يادگيرين جي هيٺئين تهہ خاني ۾ ويندس تہ وڃي ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ لاڪاليج ۾ نڪرندس. مون کي جڏهن ڊي. جي ڪاليج جو پرنسپال ڊاڪٽر گربخشاڻي ياد آيو تہ خيال آيو تہ جيڪر مان هن جو گائيڊ هجان ها ۽ هو منهنجي رهنمائيءَ هيٺ ٿيسز لکي ها. لاڪاليج جا پروفيسر ياد آيا تہ اُهي طوطن وانگر ٿيون ٿيون ڪندا هئا ۽ گائيڊبڪون پڙهي پنهنجا ليڪچر رٽي ايندا هئا. سو مان هِتي بہ ڏاڪڻ ٽپندو مٿي سيشن ڪورٽ سکر ۾ وڃان ٿو.

هاڻي پليٽ تي فقط شمع ٻري رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مان بجلي وسائي شمع تي لکندو آهيان، اُن تي پروانا جلندا آهن تہ مون کي افسوس نہ ٿيندو آهي، ڇو تہ اِها آگ پرواني جو مقدر آهي ۽ هن جي مختصر زندگيءَ جي تڪميل آهي. پليٽ ۾ شمع رجي وئي آهي ۽ رجيل ميڻ ۾ وٽ ٻري رهي آهي، مون کي غالب جو شعر ياد اچي رهيو آهي:

داغ فراق صحبت شب کی جلی ہوئی ہے
اک شمع رہ گئی ہے سو وہ بھی خموش ہے

(رات جي وڇوڙي جا ڏنپ ڏنل هڪ شمع رهجي وئي آهي ۽ اُها بہ ماٺ ۾ آهي.)

مان شمع جي ڳريل ميڻ تي ٻي شمع چنبڙائي ٿو ڇڏيان ۽ ڀٽائيءَ جو بيت ٿو ياد اچي:

شمع ٻاريندي شبَ، پرهہ ٻاکون ڪيون،
موٽ مران ٿي ميندرا، راڻا ڪارڻ ربِ،
تنهنجي تات طلبَ، ڪانگ اُڏايم ڪاڪِ جا.

مان شمع کي ڦوڪ ڏئي، وسائي، سوچيان ٿو تہ ڇا روشني فقط تاريڪيءَ جي عدم موجودگيءَ جو نالو آهي يا اَبدالآباد تائين روشني رهڻي آهي؟ مان ٻيهر تيلي هڻي شمع جلايان ٿو ۽ پنهنجو ڪم جاري رکان ٿو. فارسيءَ ۽ اُردوءَ جي شاعرن شمع لاءِ ڪهڙيون نہ دلڪش تشبيهون ڏنيون آهن! سنڌيءَ جي ڪنهن بہ شاعر چراغ يا شمع کي زندگيءَ جي اختصار سان تشبيهہ نہ ڏني آهي. اوچتو مون کي حافظ جو شعر ياد اچي ٿو:

ساقيا برخيز در ده جام را
خاک برسر کن غم ايام را

(حافظ! اُٿي جام ڀري ڏي،
۽ ايام جي غم جي منهن ۾ مٽي وجهہ.)

مان سوچيان ٿو تہ شاعر ۽ اديب جو ڪم فقط شعر ۽ ادب جي تخليق آهي. سماج کي ڦيرائڻ جو ڪم ننڍين ننڍين انسانن جو آهي، جن جا نالا شاعر يا اديب جي لاش سان گڏ ڪفن ۾ پورجي وڃن ٿا. اٽڪل ٻہ سال ٿيا تہ جناب فخر زمان، چيئرمئن اڪادمي ادبيات، سنڌي ادبي سوسائٽيءَ پاران ڇپيل منهنجن شاعريءَ جي ٻن ڪتابن ”سانجهي، سمنڊ، سپون“ ۽ ”ڪتين ڪرَ موڙيا جڏهن“، ڀاڱي ٿئين، جي رونمائي ڪئي. تڏهن مان ادب براءِ ادب جي نظريي ڏانهن موٽي ويو هوس، جيئن سکر ۾ وڪالت جي ابتدائي دور ۾ هوس. مون تقرير ڪندي چيو تہ ”منهنجي فن جي باري ۾ ڪيترن ئي ساراهہ ڪئي آهي، مان رڳو فن جي باري ۾ اوهان جون غلط فهميون دور ڪرڻ چاهيان ٿو. دراصل فن جي ڪائي وابستگي ضروري نہ آهي. فرد واحد سان، جماعت سان يا ڪنهن تحريڪ سان. آرٽسٽ جي وابستگي رڳو پنهنجي آرٽ سان هئڻ گهرجي، جيئن مائيڪل ائنجلو رفائيل، ليونارڊو ڊاونچيءَ يا پڪاسو وغيره جي هئي. شاهہ لطيف جي نور محمد ڪلهوڙي سان بہ وابستگي ڪانہ هئي، پر نادر شاهہ جي مخالفت ڪئي اٿائين. نٿي ٿي شهر آشوب لکيو اٿائين، جڏهن پورچوگيزن اُن کي باهہ ڏني هئي، ان دور

ڪٿي نہ پڄبو ٿڪُ مسافر

جي عوام جي پيڙا جو هڪ عيني گواهہ هو پر اُها زيرِ زمين پاڻيءَ وانگر هن جي روح ۾ سمي وئي آهي ۽ ڪٿي شاعريءَ ۾ ظاهر ٿي آهي. مثلاً:

اج پڻ ڪنجهو ڪنجهہ، واڍوڙڪي مَنهين،
جي پُڻ پِيئين منجهہ، هوءِ پِنيون، هوءِ پَٽيون،

—

اج پڻ ڪهڙي دانهن، واڍوڙڪي منهين!
ويڄ ورائي ٻانهن، چوري چاڪَ نهاريا.
ڪا نارئا ڪُٽڪن، جنين لوهہُ لڱن ۾.

—

رهي اڄجي راتڙي تن واڍوڙنِ وٽاءَ
جن کي سورُ سرير ۾، گهٽ منجهارا گهاءَ
لڳا ئي لوڪاءَ، پاٽان ٻڌن پٽيون.

—

سدا آهي سُور جي واڍوڙن وائي.

—

سَگهن سُڌ نہ سُور جي گهايل ڪي گهارين.

—

هاريا ويڄ مُياس، سُڌِ نہ لهم سُور جي.

اهي ۽ ٻيا اڪيچار مثال، جن ۾ معاشري جي ڏک درد جي عڪاسي آهي ۽ بهترين آرٽ جي فارم ۾. سُر سسئي ۾ تہ هيئينءَ سٽ ۾ هو فن جي ڪمال تي پهتو آهي:

مُنيس جَهل مَهار، ڪُنيسِ ڪاهہ مَ ڪَرَهو.

سنڌ جي ساري ڪلاسيڪي شاعري هڪ طرف، مٿين سٽ ٻئي طرف. پر سُرمارئيءَ کي پاڻ سياسي مقصد لاءِ توڙي مروڙي پيش نہ ڪيائون. مارئي انساني روح جي زندگيءَ جي قفس مان آزاديءَ جي علامت آهي، باقي ڪوڪيت سينَ، سنگهارن جو لشڪر وٺي، عمر ڪوٽ نہ ڏانو هو. عُمر مارئيءَ کي پيڻ چئي پاڻ مرادو آزاد ڪيو هو. شاهہ جي ڪائي "وابستگي" نہ هئي، نہ عوام سان، نہ

معاشري سان نہ حاڪم وقت سان. دور جي حقيقت نگار عڪاسي هڪ ڳالهہ آهي، وابستگي ٻي ڳالهہ آهي. هر عظيم شاعر وانگر ڀٽائي ڪنهن خلا ۾ نہ ٿي رهيو. اردگرد جو عڪس تہ هن جي شاعريءَ تي پوڻو هو.“

مون تقرير ۾ وڌيڪ چيو تہ ”مان اڳ چوندو هوس تہ شاعر جي وابستگي حُسن، حق ۽ نيڪيءَ سان آهي، پر اها ڳالهہ غلط آهي. اڄ جو سچ، سيان جو اَسچ آهي، اڄ جو حق سيان جو ناحق آهي، اڄ جي نيڪي سڀاڻي جي بدي آهي. شاعر جي وابستگي فقط حسن سان آهي. ٻوليءَ ۾ حسن جي تخليق هن جو هڪ ئي نصب العين آهي.“ مون سامعين کي ڪجهہ مثال ٻڌايا هئا، جڏهن شاعريءَ جي وابستگي اُن جي خاتمي جو ڪارڻ ٿي آهي. مون کين چيو تہ ”اُردوءَ جو شاعر چڪبست هڪ وڏي ۾ وڏو قوم پرست شاعر هو. هو انگريز دشمن، آزادي پسند هو ۽ ان ڪري هن جي ڪانگريس سان وابستگي هئي. جڏهن اڳئين ڀيري مان بمبئي ويو هوس، تڏهن ساهتيہ اڪيڊميءَ ۾ هن وٽ ويو هوس، جتي هو ملازم آهي. هو مشهور ڪهاڻيڪار آهي ۽ ”گواني منظر“ جهڙي خوبصورت ڪتاب جو مصنف آهي. هُن کي چيم تہ ”اُردوءَ جا تازا ڇپيل ڪتاب ڏيکار!“ هن مون کي اٺ ڏهہ ڪتاب ڏيکاريا، جن ۾ چڪبست جي ڪلام جو مجموعو هو. ان دور جي لحاظ کان اُن ۾ زبردست نظم هئا، پر آزاديءَ کان پوءِ پنهنجي اهميت ۽ ڪشش وڃائي ويٺا. شيام مون کي ٻڌايو تہ ”هن ڪتاب جون ڏهہ هزار ڪاپيون ڇپيون آهن. تون شايد ڏهون ماڻهو آهين، جيڪو اهو ڪتاب خريد ڪري رهيو آهين.“ ٽئگور زنده جاويد آهي، پر هُن هندستان جي باري ۾ فقط هڪ سٽ لکي هئي:

”يا خدا منهنجي ديس کي امن ۽ آزاديءَ ۾ اُٿار!“

جيئن ڀٽائيءَ سنڌ تي فقط هڪ سٽ لکي آهي:

”سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار!“

جيتوڻيڪ ان بيت جي ٻيءَ سٽ ۾ سڄيءَ دنيا لاءِ دُعا گهري اٿس: ”دوست، تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.“ اها هڪ نيڪ نيت شاعر جي دعا آهي. ان جو سنڌ يا عالم سان وابستگيءَ جو ڪوئي سوال نہ آهي. ساڳيءَ طرح مرزا ظفر الحسن مسلم ليگ جو شاعر هو. لاهور ۾هو ڏاڍيءَ عزت سان ڏٺو ويندو هو. هڪ ڀيري حيدرآباد ۾ مان فرسٽ ڪلاس ويٽنگ

روم ۾ ويٺو هوس. ٽرين ليٽ هئي. مان بوريت لنوائڻ لاءِ ٻاهر اچي بُڪ اسٽال تي ڪتاب ڏسڻ لڳس. هڪڙا ٻه جلد پيا هئا. جن جي پيلي سرورق تي هزارين مکيون پنهنجا نشان ڇڏي ويون هيون ۽ نالو بہ پڙهڻ ۾ نہ ٿي آيو. پوءِ مون جڏهن غور سان ڏٺو تہ معلوم ٿيو تہ اهي مولانا ظفر علي خان جي ڪلام جا ٻه جلد هئا. جڏهن اسٽال واري کان پڇيم تہ "هنن ڪتابن جو هي حال ڇو آهي؟" تڏهن جواب ڏنائين تہ "سائين، سالن کان اِتي پيا آهن ۽ ڪوئي ٻيا جي چوٿين حصي ۾ نہ ٿو وٺي." اهو هو ظفر علي خان، مسلم ليگ ۽ پاڪستان جو شاعر، جو تقسيم کان پوءِ بلڪل بي معنيٰ ٿي چُڪو آهي. مسلم ليگ ٻيهر اقتدار ۾ آئي آهي، پر هن جي نئين ايڊيشن نہ ڇپي آهي ۽ هُن مان ڪوئي اُتساهہ نہ ٿو وٺي." مون سامعين کي وڏيڪ پاسترناڪ جو "ڊاڪٽر زواگو" ۾ آيل هيٺيون جملو ٻڌايو: "اسان ڪنيو حسن، اسان ڪنيو عشق، اسان ڪنئي زندگي، اسان ڪنيو موت، اسان ڪنيو ازل، اسان ڪنيو ابد، باقي دنيا بدلائڻ جو خواب ننڍن ماڻهن لاءِ ڇڏيو." جيتوڻيڪ 'ڊاڪٽر زواگو' ۾ روس جي انقلاب کان پوءِ جو پس منظر آهي، تڏهن بہ اُن ۾ اهي ابدي سچ آهن، جي شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ ملن ٿا، جن ۾ برابر ايليزبيٿ جي دور جو پس منظر بہ آهي. ماحول بدلجندو ٿو رهي. جي ناول يا ٻي ڪائي تحرير فقط پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪندي، تہ اها اُن ماحول جي خاتمي سان گڏ ختم ٿي ويندي. مون کي لنڊن ۾ ڊڪنس جي ناولن وارو ماحول ڪٿي نظر نہ آيو ۽ نہ ليننگراڊ ۾ ٽالسٽاءِ جي ناول "ائناڪرينا" يا "امن ۽ جنگ" جو ماحول نظر آيو. پر اُنهن ڪتابن ۾ اُهي ابدي سچ بيان ڪيل آهن، جي ماحول جي تبديليءَ سان نہ بدليا آهن. ڪيئي "لينن پيس پرائيز وِنَر" ۽ "اسٽالن پيس پرائيز ونر" ناول لکن جي تعداد ۾ ڊينوب نديءَ ۾ ڦٽا ڪيا ويا. پاسترناڪ کان پوءِ دور جديد جو ٻيو ناول نويس، سولزي نتسن، بچي ويو ڇو تہ هن ۾ لينن ۽ اسٽالن جي دور واري وابستگي ڪانہ هئي. هن پنهنجي ماحول جي عڪاسي تہ ڪئي آهي، پر ان ۾ اُنهن سچن جي نشاندهي بہ ڪئي آهي، جي ابدي آهن. ڪٿي آهي ماياڪووسڪي؟ ڪٿي آهن فيڊن ۽ ٻيا اديب، جي ماسڪو کان سٺ ميل پري ڊيلنڪو ۾ رهندا هئا؟ اُهي سڀ مٽي ٿي ويا. رڳو پاسترناڪ جي قبر تي هن جي جنم ڏينهن تي گلن جا ڍير چاڙهيا ويندا آهن. ڇا، ڪاليداس وڪرما جيتَ يا اُن دور جي سماج سان وابستہ هو؟ "رگهوونش"

مان رڳو هن جو ڏرمي لاڙو نظر اچي ٿو باقي "شنڪتلا"، "وڪرم اُروشي" ۽ "ميگهہ دوت" هن رڳو ڪويتا لاءِ لکيا آهن. ڇا، "حافظ" پنهنجي معاشري يا ڪنهن حاڪم وقت سان وابستہ هو؟ هن تہ چيو آهي:

بیا تا گل بہ افشانیم و مئی در ساغر اندازیم
فلک را سقفی بشگافیم و طرحِ نو در اندازیم

(اچو تہ اسان گل ڇٽڪايون ۽ مئي ساغر ۾ وجهون; آسمان جي ڇت ڦاڙي ۽ نئين طريقي جو بنياد رکون.)

هاڻي "طرح نو" ڪهڙي هئي؟ اُن جي "حافظ" وضاحت نہ ڪئي آهي. رڳو پيٽائيءَ وانگر پنهنجي جذبات جو مبهم اظهار ڪيو آٿائون. غالب بہ ساڳي ڳالهہ چئي آهي:

بیا کہ قاعدہ آسمان بگردانیم
قضا بہ گردش رطل گران بگردانیم

(اچو تہ آسمان جو قائدو ڦيرايون،
۽ قضا کي ائين گهوماتي ڏيون، جيئن مڌ جي ڳري ٿانوَ کي ڏبي آهي.)

❊ ❊ ❊ ❊

مان وري لانگ جمپ ڏيان ٿو. پوئينءَ موتمار هارٽ اٽئڪ کان پوءِ مون روزاني "برسات" جي ايڊيٽر شپ تان استعيفا ڏني. دل جو مرض، روزانيءَ اخبار ۽ ان جي فڪر ۽ پريشانيءَ کي سَهي نٿو سگهي. مون کي ڊاڪٽرن هر اُڻ تڻ، آنڌ مانڌ ۽ اوني اُلڪي کان پاڻ کي پري رکڻ لاءِ چيو هو. پريم شهاڻي*، يوسف شاهين جو دوست آهي ۽ بي نظير جي پهرين حڪومت وقت سنڌ گورنميٽ ۾ وزير هو. هو ڪافي ذهين ۽ زيرڪ آهي ۽ هن سرڪار جي نمائندي جي حيثيت ۾ مهاجرن سان معاهدو ڪيو هو. پر مهاجر هن جي خلاف هوندا هئا، ڇوتہ هنن چواڻي "مهاجرن جو ڪوئي بہ خاص مطالبو معاهدي ۾ تسليم نہ ڪيو ويو هو." هن منهنجي گهر اچي مون کي چيو تہ پاڪستان ۾ هر قسم جي بدعنواني، رشوت خوري، سرڪاري املاڪ جو غبن، چور بازاري، منشيات فروشي وغيره ڏاڍي وڌي وئي آهي ۽ اُن لاءِ بينظير

* پريم شهاڻي: پي. ڪي شهاڻي

جي سرڪار ذميدار آهي، ڇوتہ هن جي سرڪار انهن خرابين کي روڪڻ لاءِ جوڳا اُپاءَ نہ ورتا آهن. هن چيو تہ ان بيان تي نہ رڳو هُن، پر سپريم ڪورٽ جي رٽائرڊ جسٽس دراب پٽيل ۽ ٻين اهم ماڻهن دستخط ڪيا آهن. هو اجا پروفيسر ڪرار حسين کي ڳولي نہ سگهيو هو جيڪو ڪوئيٽا يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو پر ڪيس پڪ آهي تہ اُهو بہ بيان تي صحيح ڪندو. هن مون کي صلاح ڏني تہ مان بہ انهيءَ بيان تي صحيح ڪريان. مون هن کي چيو تہ مان توسان متفق آهيان، قومي حالتون مُلڪ کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي رهيون آهن. مون هن کي صحيح ڪري ڏني. هن جي وڃڻ کان پوءِ مون کي خيال آيو تہ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت اونهيءَ کڏ ڏانهن ڌوڪي تہ رهي آهي، پر مون کي بينظير جي مشوري تي صدر هلالِ امتياز جو تمغو ڏنو هو ۽ اها احسان فراموشي ٿيندي، جي مان بہ اُن بيان تي صحيح ڏيان. مون اهو بہ سوچيو تہ مان ڪيتري وقت کان سياست کي ٿوڪاري، پنهنجي آرٽ ۽ دنيا ڏانهن موٽي ويو آهيان. مون کي اردوءَ جي هڪ شعر جي سٽ ياد آئي:

*میری بلا سے بوم رہی یا ہمار ہے*

مون کي ياد آيو ٽراٽسڪيءَ جي ميڪسيڪو ۾ جلاوطنيءَ دوران هن جي ميڪسيڪن آرٽسٽ دوست، ڊيگوويرا، هڪ پينٽنگ ڪئي هئي، جنهن ۾ ڏيکاريل هو تہ جوالا جي ٻِپ وٽ هڪ ڪئسينو (جوئاخانوAsino) آهي، جنهن جي ميزن تي مرد ۽ عورتون ويٺيون آهن، شراب بہ پي رهيون آهن ۽ پتي راند کيڏي، کٽي، خوش ٿي، ٻهہ ٻهہ ڪري رهيون آهن. جوالا جي جيءَ ۾ لاوا پڄري رهيو آهي. اوچتو ڪنهن وقت اُهو ڦاٽ ڪائيندو ۽ اچي ڪئسينو تي ڪرندو ۽ سڀ کي تهس نهس ڪري ڇڏيندو.

مون محسوس ڪيو تہ پاڪستان جون حالتون بد کان بدتر ٿي ٿي رهيون آهن ۽ گلوٽين تکي ٿي رهي آهي. حالات ۾ ايندڙ ڦيرو منهنجي لونءَ ۾ لرزندو آهي. اُن وقت ڪراچيءَ جو مهاجر عوام هند جي نڪسلباڙي تحريڪ کان بہ وڏيڪ شدت سان دهشتگردي ڪري رهيو هو ۽ حڪومت دهشت گرديءَ جو جواب دهشت گرديءَ سان ڏئي رهي هئي. عدل، انصاف، رواداري، انسان جي خون جي اهميت بنهہ ختم ٿي وئي آهي ۽ نہ عمرجو لحاظ رکيو ٿي ويو نہ صنف جو موت مينهن وانگر وسي رهيو آهي، پر پوءِ بہ

مون کي اُن بيان ۾ شرڪت مناسب نظر نہ آئي.

مون جسٽس دراب پٽيل کي گهر فون ڪيو تہ ”اُن بيان تان منهنجي صحيح ڪٿي وجي. مان سياست کان ڪناره ڪش ٿي چڪو آهيان.“ ڪجهہ وقت کان پوءِ اهو بيان جسٽس دراب پٽيل ۽ پريم شهاڻيءَ ڪجهہ ٻين جي صحيحن سان ڊان اخبار ۾ ڇپيو اُن ۾ منهنجو نالو ڪونہ هو.

مان ڪراچي ڇڏي وري پنتي لانگ جمپ ٿو ڏيان. سکر جيل ۾ مون سان ٻہ لنگڙا راجپوت رهندا هئا. جي ميرپور خاص جيل مان سزا طور ٽرانسفر ڪيا ويا هئا. ٻنهي کي جنم ٽيپ سزا مليل هئي.

هڪ ڀيري گفتگو ڪندي، اُنهن چيو تہ اسين اِنهن جيلرن کان وڏيڪ جيئنداسين. ڪنهن وقت اِهي قيدي هوندا ۽ اسين جيلر هونداسين. پوءِ هڪ منهنجو هٿ مٿي ڪري مون کي پنهنجي گهڙي ڏيکاري، جنهن ۾ ڪانٽو ڏاڍو تيز ڦري رهيو هو. وقت گذرندي ويرم نہ ٿي لڳي. زلزلو اچي رهيو آهي. مان جيل جون ديوارون لُڏنديون ٿو ڏسان.

هڪ ٻيو پارِيِي مَهَر نالي قيدي منهنجي وارڊ ۾ صفائي ڪندو هو. هڪ ڀيري هن مون کي آهستي چيو ”صاحب! منهنجو نالوئي ”پارِيو“ آهي، مان هتي گهڻو وقت نہ رهندس. پوءِ هن قميص ٿوري مٿي ڪري مون کي روالور ڏيکاريو ۽ چيو”ڪيترن ئي قيدين روالور چوريءَ گهرايا آهن. ڪن ڏاٽا تکا ڪيا، ڪِن وڏا ڪات ۽ ڪهاڙيون لوهار خاني ۾ پلٽيون آهن. هاڻي بغاوت ٿيندي، اسين جيل جي آفيسرن کي ٻيرا ٻيرا ڪري، درن جا قلف ڪڙا ڀڃي، فرار ٿي ويندا سين. جيستائين مان جيل ۾ هوس تيستائين تہ بغاوت نہ ٿي، پر منهنجي رهائيءَ کان پوءِ قيدين جيل جو ڏنڊو مشتنڊو صوبيدار ۽ ٻيو عملو بيدرديءَ سان ماري وڌو. بغاوت بهر صورت ڪامياب نہ ٿي. مون دل ۾ سوچيو تہ انسان پنهنجيءَ تي اچي، تہ ڪنهن بہ جيل مان رهائي ناممڪن نہ آهي.

مون کي پهرين سکر جي سيشن ڪورٽ ۾ پهچڻو هو پر مان اچي سکر جيل ۾ نڪتو آهيان. بهر صورت اُتان جو هڪ ٻہ واقعو پورو ڪري ڪورٽ ۾ ٿو هلان. مون اڳيئي چيو آهي تہ باقي زندگي گهڻي نہ آهي، ۽ مان يادگيرين جي تسلسل تي وقت وجائڻ نہ ٿو چاهيان.

ڪشمور جو هڪ مندراڻي وڏيرو الله ڏنو جنهن کي ۽ سندس پٽ کي

خون ۾ جنم ٽيپ آئي هُئي، مون سان گڏ اي ڪلاس ۾ بند هو جڏهن مجيب الرحمان جي گرفتاريءَ کان پوءِ سکر جيل ۾ مان اٺ مهينا نظر بند هوس. هو گوڏن جي سُور ڪري منڊڪ منڊڪ ڪندو لٺ تي ٽيڪ ڏئي هلندو هو. هڪ ڏينهن، مُنهن اونداهيءَ ۾، هو منهنجي ڪمري ۾ آيو جتي بجلي هلي وئي هئي ۽ لالٽين ٻري رهي هئي. هو منهنجي منهن کي تڪي رهيو هو ڄڻ سوچيائين پئي تہ هن سان راز جي ڳالهہ ڪريان يا نہ ڪريان. هن کي اڇي سونهاري هئي. جيئن ناريل جي کوپي تي ڪکن جو بيٺل مڇو هوندو آهي، جنهن هيٺان ڪهاڙيءَ جو ڇُٽل وَڏُ ڇُپي تي ويو. مٿي ۾ هن کي ايترو چيڙهہ پئجي ويو هو جو هن جا وار سيڙهہ جي ڪنڊن وانگر ٿي لڳا. هُن هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، چيو تہ "اسپيشل جيل ۾ منهنجو هڪ ذات ڀائي آهي. هن سان سيٽپو بہ آهي، پر ڏنگئي زميندار آهي، ۽ ٻنيءَ ٻاري تي هن سان ويڙهاند ٿيندي رهندي آهي. اسپيشل جيل ۾ ڪو ڊاڪٽر واقف اٿئي؟" مون پهريون تہ سوچيو تہ هن کي چوان تہ "هائو". پر مون ٻڌڻ تي چاهيو ٿي تہ هُو ڪهڙو ڪم ٿو چئي! سو هُن کان پڇيم تہ "ڇو؟" هن جواب ڏنو تہ "مون کي معلوم ٿيو آهي تہ منهنجي سيڻ جي ڇهن مهينن ۾ سزا ختم ٿيڻ واري آهي. مان ۽ منهنجو وڏو پُٽ ٻئي اڄا ٻارنهن سال جيل ۾ آهيون. پنيان منهنجا ننڍا پُٽ هن جو مقابلو نہ ڪري سگهندا ۽ هو اسان جي زمين تي زوريءَ قبضو ڪندو. مان چاهيان ٿو تہ جڏهن بيمار ٿئي ۽ ڊاڪٽر کان دوا گهُري تہ ڊاڪٽر هن کي دوا ۾ زهر ڏئي، جيئن هو مري وڃي. مان ان ڊاڪٽر کي پنج ڇهہ هزار ڏيڻ لاءِ تيار آهيان؟"

مان هن ڏانهن ڏسندو رهيس. اڇي ڏاڙهي، پنج وقت نماز پڙهندڙ ۽ رمضان جا ٽيهہ ئي روزا رکندڙ نرڙ تي تهجد جو داغ، ڳچيءَ ۾ ڪنهن پير جالڪيل بہ ٽي تعويذ!، ڇا، هي شخص، هن عمر ۾ بيو خون ڪرڻ ٿو چاهي؟ مون سوچيو ۽ پوءِ هن کان پڇيم تہ "اوهان جي عمر گهٽي آهي؟"

جواب ڏنائين تہ "پنجاسيءَ کان تہ مٿي چڙهي چُڪو آهيان. خبر نہ آهي تہ جيئري جيل مان نڪرندس يا نہ!"

هن مون کي ٻڌتر ۾ ڏسي چيو "پُٽ، زهر سان يا ٻئي ڦهر سان، ويريءَ کي غار ڪرڻ ۾ ويرم نہ ڪرڻ گهرجي. ننڍ تہ نہ ڦٽندي!"

مون هن کي جاٽي واٽي چيو تہ "اهڙو ڊاڪٽر تہ واقف نہ آهي."

هن جو منهن لهي ويو ۽ مون کي چيائين تہ ”ڳالھہ دل ۾ رکجانءِ، جيئن ڪنهن کي ڀاڻُورَ نہ پئي.“

ڏھہ پندرنهن ڏينهن رکي، سومهياٽيءَ جي نماز پڙهي، تسبيح هٿ ۾ ڦيريندو مون وٽ آيو. هن جي منهن تي پنج سئو وولٽ جي مُرڪ هئي، ۽ چيائين تہ ”ابا، ڪم ٿي ويو. مون پاڻٺئي ڪان ڊاڪٽر کي پنج هزار رپيا ڏياريا. ڊاڪٽر هن کي چيو تہ پنج هزار جيلر کي بہ ڏئي ڇڏ، تہ هُن جو ڀوٿ بند هجي. ڊاڪٽر منهنجي سيڻ کي اهڙو زهر ڏنو جو هو ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو ۽ جيلر هن جي مائٽن کي اطلاع ڏنو تہ هُن خودڪشي ڪئي آهي ۽ لاش کڻي وڃو! هو چُپ چاپ لاش کڻائي، پار ڪيڏندا، ڪشمور ويا. هاڻي ڪائي اُڻ ٽُڻ تہ نہ رهندي! لت ڏيئي ننڊ ڪندس!“

هڪ ڀيري هڪ ڳيرو قيدي مون لاءِ ڪوهہ تان پاڻيءَ جو دلو ڀري آيو ۽ منهنجيءَ کٽ تي ويهي ساهي پٽيائين. هن مون کان پڇيو تہ ”سائين! تو کي اي، ڪلاس ۾ ڇو نظربند رکيو اٿائون.“ مون جواب ڏنو تہ ”مون تي الزام آهي تہ مان پاڪستان کي ڊاهڻ ٿو چاهيان.“

هن کليو ۽ مون کي چيائين، ”تون تہ هن وارڊ جي هڪ ديوار بہ ڊاهي نہ سگهندين، تون پاڪستان ڪيئن ڊاهيندين؟ ڇا، پاڪستان اهڙو ڻاڪئون آهي؟“ مون هن کي جواب ڏنو تہ ”مون تي اهو الزام سراسر ڪوڙو آهي.“

اِن تي هُن حيرت مان پڇيو ”ڪوئي تہ سبب هوندو؟ ڪنهن جي دشمنيءَ ڪري توکي واڙيو هونداٺون.“

مون هن کي جواب ڏنو تہ ”پُٽ، وسندي مينهن ۾، مان وائيپر هلائي، شيشو صاف ڪري، اندران رومال سان اُگهي رهيو هوس تہ جئن رستي تي اڳتي ڏسي سگهان.“

”اِهو تہ ڪوئي ڏوھہ نہ آهي.“ هن چيو.

مون ڪيس جواب ۾ چيو تہ ”پُٽ! پاڪستان ۾ اهو وڏي ۾ وڏو ڏوھہ آهي تہ ڪوئي ڏُنڌ ۾ رستو اڳتي ڏسي سگهي.“

هڪ ڀيري مون وٽ هڪ جيلر آيو. هن کي ڪاڏيءَ تي ننڍيءَ ٽنڊڻيءَ جيترو تِرُ هو جنهن کي لڪائڻ لاءِ هِن تِہ _ ڪُڇي ڏاڙهي رکائي هئي. هو پانُ چَٻي رهيو هو ۽ هن جي اکين مان تاھہ تاھہ ڳوڙها لارون ڪري وهي رهيا هئا. هُن چيو تہ ”پاڪستان هارائي ويو ۽ بنگلاديش وجود ۾ اچي ويو.“

مون هن کي چيو تہ ”مُڪتي باهنيءَ بنگالين کي فوجي سکيا بہ ڏني هئي، ۽ ڏڙا ڏڙ هٿيار بہ ڏنا هئا.“

هن چيو تہ ”اِهي سالا هندستاني، اسلحو نہ ڏين ها، تہ پاڪستان ڇو ٽُٽي ها؟“

اِن تي مون هن کي چيو تہ ”رات جو تہ يحييٰ خان ريڊيو تي چيو هو تہ ”جنگ اسان جي جاري رهندي!“

جيلر يحييٰ خان کي بنگلاديش جي گار ڪان بہ وڏي گار ڏني.

جڏهن مان جيل ۾ نظربند هوس تڏهن منهنجو هڪ ذات ڀائي جيل جو سپرنٽنڊنٽ هو. هڪ ڀيري هو مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ ”مون سان اڄ تہ توکي ”ڪوڏي ڪوڏي“ ڊيڪارڻ وني هلان.“ ڪوڏي ڪوڏي کيڏندي، جن قيدين جا هڏ رهڙجي ٿي پيا، اُنهن مان هرهڪ کي سستو سگريٽ جو پئڪيٽ، جو ڇهن پيسن ۾ ملندو هو ورهائي ڏنائين. غريب قيدي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سگريٽ دکائڻ لاءِ پرسان بيٺل سپاهيءَ کان ماچيس وني سگريٽ دکايائون، ۽ اڃا سهڪي رهيا هئا، تہ سگريٽ جو ڪش هنيائون. مون سپرنٽنڊنٽ کي چيو تہ ”ڊاڪٽر کي چئو تہ هنن کي زخمن تي ملم لڳائي.“ پر هن جواب ڏنو تہ ”هِي اِن جا عادي ٿي چُڪا آهن، ۽ هِنن جا زخم اِئين ئي سُڪي ويندا آهن.“

قيدي سارو ڏينهن جيل جي فرش کي پوچي ڏيندا هئا. ٻهارو ڏئي، ڪپڙي سان چنڊ ڦوڪ ڪندا هئا. جيل جي کيت ۾ ڀاڄيون پوکيندا هئا. خوبصورت غاليچا اُٽندا هئا، ۽ دريون ناهيندا هئا. ڪي لوهرخاني ۾ ڪم ڪندا هئا، ڪي وٽن کي پاٽيءَ سان ڌوئيندا هئا ۽ رستن تي پاٽيءَ جو ڇٽڪار ڪندا هئا. چوڌاري سنتري رائيفلون جهلي بيٺا هوندا هئا. جيل ۾ قيدين کان اِئين غلامن وانگر پورهيو ورتو ويندو هو. جيل جي سپرنٽينڊنٽ مون کي اي ڪلاس ۾ وڏي ۾ وڏو وارڊ ڏنو هو جتي هن مون کي ميز ۽ ڪُرسي رکائي ڏني هئي. مان اُن تي سارو ڏينهن پنهنجي شعري مجموعي ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ جا شعر لکندو هوس، قيدي مون وٽ ايندا هئا ۽ طنز سان چوندا هئا تہ ”وڪيل صاحبُ پنهنجي دفتر ۾ ڪم ٿو ڪري!“

شام جو بہ مَهَرَ جوابدار آيا، جن کي خون جي ڪيس ۾ جنم ٽيپ آئي هئي. مون کي اهو پتو نہ هوندو هو تہ سج ڪنهن وقت ٿو اُڀري ۽ ڪنهن وقت

ٿو لهي. واهيري جي ويرَ وٽن ۾ چڙيون چُون چُون ڪنديون هيون تہ مون کي محسوس ٿيندو هو تہ سنجها ٿي آهي. مَهَرَن پڇيو "اوهين سارو ڏينهن ڇا ٿا لکو؟ ڪُتِي نٿو ڪُتي!"

"مان شاعريءَ جو ڪتاب ٿو لکان." مون جواب ڏنو.

"سائين، اسين سکر ضلعي جا آهيون ۽ اوهان کي چڱيءَ طرح سڃاڻون. هتي جيل ۾ "مهراڻ" اخبار ايندي هئي. اُنهيءَ جي ايڊيٽر، سردار علي شاهہ جي اوهان سان ڇا ٿي دشمني هئي، جو اوهان خلاف ايترا ڪالم ڪارا ڪندو هو؟ ڇا، اوهين اِها دعويٰ ڪندا آهيو تہ اوهين شاهہ لطيف کان وڏا شاعر آهيو؟"

مون کين چيو تہ "مون اها دعويٰ ڪانہ ڪئي آهي."

"پوءِ اهو سردار علي شاهہ اوهان جي خلاف ايترو ڇو ٿو لکي؟"

مون جواب ڏنو "هڪ ڀيري سردار علي شاهہ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ غلام مصطفيٰ شاهہ سان گڏجي، ڪوئي رسالو ڪڍيو جو ڪٽي سکر واري وڪيل شمس الدين شاهہ وٽ آيو هو. مون کي بہ اُتي منجهند جي ماني‌ءَ تي سڏيو ويو هو. مون رسالي جي ڪاپي ڏٺي، تہ مون اُن جا پنا ورايا، ۽ ڏٺو تہ شعر ۾ "ڊڪشنري" لکيل آهي؟ مون اِن تي ٺهڪ ڏنا تہ "ڇا نہ شاعري آهي!" ان ڳالهہ تي سردار علي شاهہ کي ڇيٺو لڳو هو. پوءِ حيدرآباد وڃي، شاعريءَ ۾ منهنجي وڌندڙ مقبوليت ڏسي، کيس وڏيڪ چوچڙي لڳي هئي. اِن تي مان هن کي "ٽانبڻي تي ٽنبڻي" ڪونيندو هوس، ۽ چوندو هوس تہ هُو بنا سوچ سمجهہ جي ڇٽنگان ٿو ڪڍي، نيٽ وسامي ويندو."

گهڻو گهڻو پوءِ، مون کي ياد آهي تہ جڏهن جنرل ضياء الحق جي دور ۾ مان وائيس چانسلر هوس، تہ جنرل حيدرآباد جي دوري تي آيو هو. مون تي.ويءَ تي سردار علي شاهہ کي جنرل جي هڪ دعوت ۾ تقرير ڪندي ٻڌو. گهڻو حصو هن جو تي. ويءَ وارا ڪٽي ويا. پر هن هر ڪاپيءَ ڏر واري کي اسلام دشمن ۽ پاڪستان دشمن ٿي چيو ۽ جنرل کي چيو تہ اِنهن کي چٽِي بُرٽو بڻايو وڃي!" جنرل جواب ۾ چيو هو تہ "وقت اچڻ تي، هر ڳالهہ پنهنجي وقت اچڻ تي، ڪئي ويندي."

ڇهہ مهينا نہ گُذريا تہ سردار علي شاهہ کي مٿي ۾ ڳوڙهو (Tumour) ٿي پيو. مون سکر ۾ ٻُڌو تہ هن کي ايڏو سور پوندو هو جو ديوارن سان مٿو

ٽڪرائي ٽڪرائي رات گذاريندو هو ۽ نيٺ رات جي تاريڪيءَ ۾ ئي هڪ ڏينهن هو گم ٿي ويو.

هڪ ڀيري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن کي مون سان ٺاهہ ڪرائڻ لاءِ رٽز هوٽل حيدرآباد ۾ وٺي آيو هو جتي آءٌ رهيل هوس. مون کي ٻن منٽن ۾ هن سان گفتگوءَ مان محسوس ٿيو تہ منهنجو هُن سان ۽ هُن جي ٽولي سان ٺاهہ ٿي نہ سگهندو، هُنن جو خدا ٻيو آهي، منهنجو خدا ٻيو آهي. ڪيڏانهن ويو ابراهيم خليل، رشيد لاشاري، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ شيخ راز؟ هڪ عبراني پهاڪو آهي تہ ”تون جڏهن موت جي باري ۾ سوچڻ ٿو لڳين، تہ تنهنجو زندگيءَ مان اعتبار نڪري ٿو وڃي.“

سقراط چيو هو تہ ”الوداع جي گهڙي ويجهي اچي پهتي آهي، مون کي مرڻو آهي ۽ توکي جيئڻو آهي.“ ڪهڙي ڳالهہ بهتر آهي، اهو تہ خدا ئي چئي سگهي ٿو!

ورجل چيو هو تہ ”هر ڪنهن جو وقت مقرر آهي، زندگي مختصر آهي، ۽ موت اٽل آهي.“

عجب جي ڳالهہ آهي تہ هن سان هُڪ ڀيرو منهنجي ملاقات ابراهيم جويي ڪرائي هئي. هو لاڪاليج پرسان بيٺو هو ۽ هن جي سٿڻ جا لم لم ڪنڌڙ پاچا بجليءَ جي روشنيءَ ۾ لڏي رهيا هئا. ابراهيم جويي هن سان ياڪر پائي چيو، ”مون کي تو مان سنڌ جي خوشبو اچي رهي آهي.“ پوءِ مون ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ ”هي آهي سردار علي شاهہ، سنڌ جو وڏو محب وطن آهي.“ محمد ابراهيم جويو ڪيڏو نہ ڀُليل هو ڪجهہ سال پوءِ هن جي جويي سان دشمني اسان سيني جي گلي ۾ پَئي.

دراصل مان سردار علي شاهہ جو ٿورائتو آهيان. هو اڪثر مون تي ”مهراڻ“ جو پهريون صفحو يا ايڊيٽوريل لکندو هو. هن ئي مون کي سنڌ ۾ ڪميونزم ۽ ائنٽي ون يونٽ تحريڪ جي علامت بڻائي ڇڏيو. اُن دور ۾ منهنجي خلاف ۽ منهنجي دفاع ۾ اخبارون پريون ڀيون هونديون هيون، جن جا تراشا مون کي ابراهيم جويي ڏنا هئا، جي گهڻو پوءِ سنڌ ۾ منهنجي گهر اندر دهشتگردن جلائي ڇڏيا. مرحوم شيخ علي محمد پنهنجي روزاني اخبار ”عبرت“، پوءِ ”هلالِ پاڪستان“ ۾ ڪيترائي صفحا منهنجي دفاع ۾ لکيا. مون پاڻ تي تنقيد کي بي فلڪائيءَ سان ڏٺو ۽ اُها منهنجي شاعريءَ لاءِ وڏو

اُتساهہ ثابت ٿي.

منهنجي شاعري ”من و گرز و ميدان و افراسياب“ (مان، گرز ميدان ۽ افراسياب) جو مثال هئي. مان ڪڏهن حيدرآباد هوندو هوس، ڪڏهن ميرپورخاص، ڪڏهن سَن، ڪڏهن موري، ڪڏهن ٻَني وغيره ۾ هوندو هوس. اُن وچ ۾ منهنجي 1965ع واريءَ نظربنديءَ کان پوءِ جڏهن جي. ايم. سيد ”بزمِ صوفياء سنڌ“ ٺاهي،* تڏهن مون اُن ۾ سرگرم حصو ورتو. مرحوم حيدر بخش جتوئي جڏهن سيد جي افتتاحي خطبي ۾ ٻُڌو تہ تحريڪ جو نالو ”بزمِ صوفياء سنڌ“ تا رکون، تہ مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ چيو تہ ”هِن دور ۾ صوفيا جي ڪهڙي اهميت آهي؟“ مون اِن تي چيو تہ ”اِهو نالو مناسب آهي، جيستائين اسان جي نصب العين جو پتو پوي، اُهو نالو اسان تي نقاب وانگر آهي.“

پهرين پهرين ڪنهن شاعر ون ـ يونٽ خلاف شعر پڙهيو تہ جي. ايم. سيد هن کي دب ڪيڪي تہ هو چُپ ڪري! پهرينءَ ۽ ٻيءَ ڪانفرنس ۾ فقط مرحوم جي. ايم. سيد افتتاحي خطبا پڙهيا. ٽين ثقافتي ڪانفرنس ڀٽ‌ شاهہ ۾ ٿي، جتي آجيان جو خطبو مرحوم نور محمد پليجي پڙهيو افتتاحي خطبو جي. ايم. سيد پڙهيو ۽ مشاعري جي صدارت مون ڪئي، ۽ صدارتي خطبو پڙهيو جو هِن ڪتاب جي آخر ۾ ”ضميمو الف“ ڪري شامل ڪيو ويو آهي. وري ڇهين ثقافتي ڪانفرنس سن ۾ ٿي، جتي آجيان جو خطبو رسول بخش پليجي پڙهيو افتتاحي خطبو ۽ مشاعري جي صدارت مون ڪئي، جو ”ضميمو ب“ ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

مان جڏهن حيدرآباد ويندو هوس، تہ نور محمد پليجي کي الائي ڪيئن خبر پئجي ويندي هئي تہ مان آيو هوس ۽ فلاڻي هنڌ ترسيل هوس. هُو پنهنجي خرچ تي ٽئڪسي ڪري مون کي سائينءَ وٽ سن وٺي هلندو هو. هُن مون کي ٺٽي ضلعي ۾ سندس ڳوٺ ٻني جي دعوت بہ ڏني ۽ جيپ تي ڪٿي وٺي هليو هو مون کي اُتي ٻيڙين تي پلي جو شڪار ڏيکاريو هئائين، ۽ جنهن وقت سنڌوءَ تي صبح جي شفق ڪنهن ڪنواريءَ جي چهري تي حياءَ وانگر ڇانئجي وئي، تنهن وقت اسين ڪنڌيءَ تي پهتاسين ۽ پوءِ واريءَ

---

* 1966ع ۾ آزاد ٿيڻ کان پوءِ جي.ايم.سيد بزم صوفياءِ سنڌ ٺاهي هئي.

۾ پڪل پلا ڪاڏاسين. جڏهن پيڙين ۾ هئاسين، تڏهن نور محمد اسان کي پلي مارڻ جا سَنڌَ، پَنَ، گهاٽو ۽ اوجهڙ ڏيکاريا. ۽ پلي مارڻ جو پراڻو اُهو طريقو ٻڌايو جنهن ۾ گهاتو مَٿَ تي پيٽُ رکي لهوارو ترندو ويندو ۽ ڪُرِڙهِ جي ڏور کي سڄي هٿ سان مضبوط جهليندو آهي. هو ڄاريءَ جي ڳوتري ڊگهيءَ چِڙهہ ۾ ٻڌندو آهي، جنهن سَڄيءَ کي ”ڪُڙهہ“ يا ”ڪُڙهي“ چوندا آهن. اوپارو ويندڙ پلو اُن ڳوتريءَ سان ٽڪرندو مَس آهي تہ گهاتو ڏور کي ڍلو ڪري چار ڪولي ڇڏيندو آهي، جا پوءِ پاڻيءَ جي وهڪري تي بند ٿي ويندي آهي. هو پوءِ پلي کي سوئو هٽي مَٿَ ۾ وجهي ڇڏيندو آهي. مون هڪ ڀيري مشرقي پاڪستان (پوءِ جي بنگلاديش) ۾ باريسال علاقي ۾ هَلسا مڇي کاڌي هئي، جنهن جو سواد پلي جهڙو هو ۽ جا گنگا نديءَ ۾ ڦاسائي ويندي آهي. جڏهن آگبوٽ ۾ نارائڻ گنج کان باريسال ڏانهن ويندي، صبح جو اڪ ڪُلي هئي تہ ڪيئي هَلسا مڇين سان ڀريل نؤڪائون جهاز جي ڀرسان مليون هيون، جتان بنگالي بورچيءَ ڪجهہ وٺي ناشتي لاءِ تريون هيون. نور محمد ٻَني ۾ اُن سفر ڀيرينءَ راڳائي بہ گهرايا. جن رباب ۽ تنبوري تي اسان کي عجيب دل لبائيندڙ راڳ ٻڌايا هئا. نور محمد اُن ڀيري ڪڇ جو ناچ راسُوڙو ۽ گجرات جو ناچ گُربو بہ ڪرايو هو. برصغير ۾ سياسي سرحدون پنهنجيءَ جاءِ تي، باقي ثقافتي سرحدون ڪونہ آهن. نور محمد مون کي ڪلان ڪوٽ ۾ ٻُڌڪن جا ٺَڪر بہ ڏيکاريا. جتي اهڙيون سِرون لڌيون آهن، جن تي ٻُڌ جون مورتيون هيون. ماڇِي راءِ جي ماڙِي، جاکِي بندرُ شاهہ بندرُ نند ڪوٽ جتي مومل جي ماڙيءَ تي ميندرو هن سان ملڻ ويندو هو اُهي بہ ڏٺاسون. اُتي اکين اڳيان سنڌ جي عشقيہ ڪهاڻي، مومل راڻو اُڀري آئي هئي، ۽ اُن تي پٽائيءَ جا سُر راڻي ۾ وايون ۽ بيت ائين ٻڌاسون، جو هانوَ مان سِيرون ايري ويون هيون. شيڪسپيئر جي ڊرامي، روميو جُوليٽ جي پلاٽ جو يا شاعريءَ جو ان سان مقابلو نہ هو. نور محمد اُن سفر دوران اسان کي ڀنڀور بہ وٺي هليو هو جتي مون کوپرين جا ٽڪرا ڏسي، سوچيو هو تہ اُهي ڪنهن سپه سالار جي کوپڙيءَ جا هئا يا عام فوجيءَ جا هئا. ماڻهو هر کنڊر مان عبرت حاصل ڪري سگهي ٿو. هن دنيا جو رُعب داب، آڪڙ ۽ ارڏائي سڀ ٿوريءَ دير لاءِ آهن. ”اک ڀوت تہ پيارا ڪجهہ ناهي.“

ماڻهو ڪيتريءَ نہ تانءِ ڦونءِ ۾ پرجي وڃن ٿا. عهدي ۽ دولت تي هٿ

وڏائي ڪن ٿا. پر آخر ۾ جيڪڏهن هنن کي گهاري پرسان مُلڪن جهڙي عبرتناڪ مُقام ۾ ڪرمتين جيتري قبر ملي ته غنيمت آهي. فرعونَ مخروطي منارا ٺهرائي، پنهنجا ممِي ٺهرائي، اُنهن ۾ چا چا تہ سامانَ پري رکندا هئا! ممي هڏا تہ نہ ٿيندا هئا، پر شڪل ۾ ممي بہ هڪ وڏي هڏي وانگر هوندي هئي، جي لاشا مون لينن گراڊ ۾ لنڊن ۾ ڏٺا هئا. راڻيءَ نيفرتيءَ ۾ هڪ نهنيءَ هارياڻيءَ جا هڏا هڪجهڙا هئا. ڪٿي هو مومل جو مجاز جنهن جي تارن ۾ راڻي تبرون ڏنيون هيون! سڀ فنا. ڪجهہ بہ نٿو رهي، سواءِ هِن ڌرتيءَ جي. جي روح آهي تہ اُهو بہ جسم کي الوداع ڪري ڪنهن سانگيءَ پکيءَ وانگر اُڏريو ٿو وڃي. سچو ٿو ضلعو بہ اِئين: "آثار پديد است صناديد عجم را"! واري ڳالهہ آهي. مڪليءَ تي وڃي انسان هڪ پيرو چڪر ڏئي اچي، تہ هن کي تاج ۽ تخت جي اصلي معنيٰ نظر اچي وڃي، جن کي سياسي ڳورپٽ ۽ ڳجهون اڄ بہ چنبڙيون پيون آهن.

هڪ پيري بدي جي مند هئي. اسان جيپ رڙيءَ وٽ جهلِي تہ اُتي "ڪنگَ بہ ڪونہ ٿي رڙيا!" لاڙ ۾ چوٽي آهي "بدو اک ڪيڏو." اسان کي هڪ گهاٽو وڻ نظر آيو جتي اسان جيپ روڪي، ٻڙ جي ٿڙ سان ٽيڪ ڪيو هڪڙو ڳيرو وينو هو ۽ نڙ هلائي رهيو هو. اسان پڇيو سونس تہ "ڪجهہ ڳائي بہ سگهندين!" هن چيو "سانوڻ فقير ٻڌنديءَ؟"

اسان چيو تہ "وه واه!" پوءِ هن سانوڻ جا ڪجهہ بيت ڳاتا. سانوَڻ هو تہ سگهڙ، پر ڳيروءَ جي آواز ۾ جڻ جُهڙَ جهِمي پيا. شام جو ٺٽي جا موتئي جا هار ڳچيءَ ۾ پاتا ۽ ابريشم جي شربت جا بہ گلاس پيتا، تہ سفر جو ٿڪ لهي ويو. رات جو مون اُن ميربحرياڻيءَ جو گهر ڳوليو جا مون سان تڏهن ملي جڏهن مان جمال صديقيءَ سان ٺٽي ڪيس هلائڻ آيو هوس. گهٽيون ويران پيون هيون. هڪ گهٽيءَ جي دروازي تي شڪ پيو مون پڇيو تہ "فلاڻي آهي!" "نہ بابا، هتي تہ فلاڻي نہ آهي." وري هڪ ٻئي دروازي تي شڪ پيو در کُڙڪايم تہ هڪ پوڙهي نڪتي. مون هن کان پڇيو تہ "فلاڻي آهي؟" هن چيو "بابا، تون فلاڻيءَ کي سڃاڻندو هئين ڇا؟ هوءَ تہ مدي جي بخار ۾ ڪيئي سال اڳ مري وئي." مون کي هن جو ٺٽي جو موتئي جهڙو بدن جنهن تي درياءَ جي سيخن مان چانڊوڪي پئجي رهي هئي، ياد آيو. مون هڪ تڏو ساهہ پري اکين مان بہ ڳوڙها اُگهيا. ڪٿان جو ڪٿان اچي مَنُ نڪتو آهي. ڪٿي پلي

جو شڪار ڪٿي هلسا مچي، ڪٿي سکر جيل ۾ پَن جهڙو وارڊ! مان بہ سانگيءَ پکيءَ کان تيز تو سفر ڪريان!

بهتر ٿيندو تہ هاڻي پُنتي وڪالت ۾ وڃڻ کان اڳ سردار علي شاهہ ۽ بين جو قصو پورو ڪري وٺان، جي عزرائيل جا مهمان آهن. مان ڪو پير پوتو تہ نہ آهيان، پر جڏهن "بيگ تنهنجي بيگي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪانہ" چوندو آهيان، تہ حالات دگرگون ۽ انسان تالان والان ٿي ويندا آهن. ڪنور پڳت جي پٽ، هن جي موت کان پوءِ پلئہ ڪيو منهنجي دل منهنجي جيئري پلئہ ڪري وٺندي آهي. ڪٿي آهي مَلڪُ امير احمد، ڪٿي آهي غلام نبي ميمڻ، ڪٿي آهي جسٽس خميساڻي، ڪٿي آهي اُهو ائڊووڪيٽ جنرل جنهن منهنجي ضمانت جي درخواستَ، ڪوڙو بيان ڏئي، خميساڻيءَ کان رد ڪرائي هئي! ڪٿي آهي ايوب خان، ڪٿي آهي يحييٰ خان؟ ڪٿي آهن منهنجا جيلر، ۽ مون تي رپورٽون ڪرڻ وارا؟ مون تي ڪالم ڪارا ڪرڻ وارا؟

مان ڪهاڻي جاري ٿو رکان:

هڪ سلطان نالي بهاري سکر سي. آءِ. ڊيءَ ۾ انسپيڪٽر هوندو هو ۽ بنگلاديش جي بُحران وقت پاڻ کي سکر مان ڍاڪا ٽرانسفر ڪرايائين. مُڪتي باهنيءَ جي هڪ گولي هن جي دل کي فل اسٽاپ ڏئي وَئي.

هو مقصود احمد، پنجابي سوداگرانِ سکر جو سَرغنو، جنهن مون لاءِ سکر ۾ رڻ ٻاري ڏنو هو، ملتان مان ٿي آيو تہ بس ۾ دل ٻيهجي ويس. هو مارڪيٽ ٽاور ۾ ڪتاب گهر وارو ڪياني بہ راهہ عدم وٺي ويو. ڪوئيٽا کان اڳ ۾ هڪ اسٽيشن آهي جنهن کي "آب گُم" چيو ويندو آهي. منهنجا ڪيترا دشمن آب گم ۾ غرق ٿي ويا. حسن ميان، رحمان علي اي. ڊي. ايم، چوڌري بشير سان، مون کي جيل موڪلڻ جون سازشون ڪندا هئا. چوڌريءَ سوُڌا، آبِ گم ۾ راهِي عدم ٿيا. سکر جا سنڌي وڪيل، جي مون سان حسد ڪري منهنجي خلاف سازش ۾ ڀِٽُ هوندا هئا، تن کي موت ائين ڪنيي ويو جئن شڪرو جهرڪ کي ڪنيي ويندو آهي. ڪيئي جج، جي منهنجي ادبي شهرت کان سڙندا هئا ۽ جي زن صفت هوندا هئا، هاڻي ڪنهن ابدي ڦاهيءَ ۾ لڙڪيا پيا هوندا. هتي ڦاهيءَ جي فتويٰ هو ڪيڏيءَ آسانيءَ سان ڏيندا هئا. جڏهن انگريز سيشن جج هوندا هئا تہ اُهو قلم پڃي ڇڏيندا هئا، جنهن سان هو ڦاسيءَ جي فتويٰ تي دستخط ڪندا هئا. ۽ سکر ۾ مون اهڙا جج بہ ڏٺا

هئا. جي قاسيءَ جي فتويٰ ڏئي ٿهڪ ڏيندا هئا. اُهي زن صفت هئا ۽ هر مُڙس ماٺهوءَ کي نفرت سان ڏسندا هئا. دوست جيڪي گذاري ويا، اُنهن جو ذڪر مان اڳيئي ڪري چُڪو آهيان. جيڪي دشمن گذاري ويا آهن، مان اُنهن جي موت تي خوش نہ ٿو ٿيان. رڳو حيران آهيان تہ هن مختصر زندگيءَ تي ڪيئن انسان آپي مان نڪري وڃن ٿا. هو اِهو نہ ٿا ڄاڻن تہ موت هڪ شڪاريءَ وانگر سندن پنيان تيرُ تاڻي بيٺو آهي، ڪيترو نہ اُبرڪو ۽ اُيام آهي، انسان ۾ا نيٺ موت پڳل دانگيءَ وانگر هُن کي ڦتي ڪري ٿو ڇڏي.

پراڻي سکر ۾ تانگي اسٽينڊ وٽ رياست عليءَ نالي هڪ وڪيل رهندو هو جنهن پهريون پيرو هڪ مقامي اُردو اخبار ۾ منهنجي خلاف مضمون لکيو تہ مان اسلام دشمن ۽ پاڪستان دشمن ادب تخليق ڪري رهيو آهيان. اُهو هُن سکر جي رجعت پرست سنڌي اديبن جي شهہ تي لکيو هو. بہ ڏينهن پوءِ مان ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس ۽ ابراهيم جويي کي فون ڪيم تہ "مون سان ڪوٽڙيءَ جي اسٽيشن تي ملي." مون کي هوا ۾ ڪُجھہ هُريو پِئي ۽ ائين ٿي لڳو تہ سازش پنهنجي چوٽ تي پهچي چُڪي آهي، ۽ هاڻي سرڪار مون تي ڪوئي قدم کڻڻ واري آهي. مون مضمون جي اشاعت ۽ سکر ۾ بيچينيءَ جي باري ۾ ابراهيم جويي کي ٻُڌايو هن حسبِ معمول جي. ايم. سيد وانگر ڏند ڪرڻي چيو تہ "تون وهمي ٿي پيو آهين." اڳتي جيڪي ڪجھہ ٿيو اُن جي باري ۾ مان اڳيئي لکي آيو آهيان. منهنجي جيل ۾ رهائيءَ کان پوءِ رياست عليءَ کي شوق ٿيو تہ ڪوئيٽا ۾ ڪجھہ وقت آرام ڪندس تہ صحت سُڌري پوندي. ڪوئيٽا ۾ هو دل جي دوري پوڻ ڪري چاليهن ورهين جي عمر ۾ مري ويو. مون کي "نهج البلاغہ" مان حضرت عليءَ جو قول ياد آيو ـ "اُها تدبير، جا موت جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿي، اُها بہ تقدير جو حصو آهي." "نهج البلاغہ" ۾ چوٽيون مارڪس آريلس جي چوٽين کان وڌيڪ ڏاهپ واريون آهن. جهيڙو مون سان اِن تي هو تہ مون چيو ٿي تہ تاريخ مفتوح ۽ فاتح لکندا آهن ۽ پنهنجي هر حرامزادگيءَ تي پردو وجهندا آهن. مون چاهيو ٿي تہ اهڙو ڪو مورخ هجي، جو سنڌ جي تاريخ ائين لکي، جيئن موهن جي دڙي جي تاريخ لکي وئي آهي. آثارِ قديمہ مان نوان نتيجا ڪڍيا وڃن. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اِئين ڳالهہ فقط ابراهيم جويي "شاهہ، سچل ۽ سامي" ڪتاب لکي ڪئي، ٻيو ڊاڪٽر مبارڪ علي اُردوءَ ۾ ڪتاب

لکي ڪنهن حد تائين ڪئي آهي. مون اهو بہ تي چيو تہ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت برصغير جي اهم ٻولي ۽ ثقافت آهي ۽ ڪنهن کي ان جي تقدس سان ڇُراند جو حق نہ آهي. مون اهو بہ چيو تي تہ تاريخ جي نازڪ موڙ تي استالن، پيٽر اعظم ۽ ايوان دي گريٽ کي، ضرورت جي نظريي تحت، هيرو ڪري پيش ڪيو. اسان کي بہ پنهنجيءَ تاريخ کي ڇنڊڇاڻ جو ساڳيوئي حق آهي. مون چيو تي تہ اسان جا محقق تاريخ تي تحقيق نہ ڪري رهيا آهن، پر تاريخ جي تضحيڪ ڪري رهيا آهن، ۽ اُن مان مون کي فاتح قوم جون اکيون گهورينديون ٽيون نظر اچن. تاريخ عوام جي ٺهندي آهي، حڪام جي نہ ٺهندي آهي. منهنجا مخالف منهنجي تاريخ جي نظريي تي ڪاوڙيا هئا. هو تہ پنهنجي جهول ۾ تاريخ جو ڪچرو ڪٺي آيا هئا ۽ منهنجي سامهون هيرا جواهر ڪري هاريو هئائون.

هاڻي وري ٻيءَ گهٽيءَ ۾ ڪافي دور هلي ويو آهيان، پنتي موٽان:

سکر جو هڪ واپاري، جو ذات جو کوجو هو ۽ مارڪيٽ ٽاور جي هيٺان ڪتاب گهرُ جو مالڪ ڪياني ۽ ڪجهہ ٻيا. ڪيانيءَ جي دڪان تي ڪٺا ٿيندا هئا. ڪيانيءَ کي اها شڪايت هئي تہ مان سنڌي ۽ اَڻ اردو شاعريءَ ۾ Purist Movement شروع ڪئي آهي، ۽ اُن ۾ فارسيءَ ۽ اُردوءَ جا لفظ ڪم آڻڻ بدران هنديءَ جا لفظ ڪم ٿو آڻيان. اُهي لفظ هو سمجهي نہ ٿا سگهن ۽ انڪري مان صوبائي مفاهمت، مُلڪي سالميت ۽ استحڪام جي خلاف ڪم ٿو ڪريان، ۽ سنڌي قوم پرستي ڦهلائي رهيو آهيان. مون ڪيانيءَ کي سندس دڪان مان ”ميراجيءَ جا گيت“ ڪتاب ڪڍي ڏيکاريو تہ تون هي ڪتاب وڪڻي ڪهڙي قومي يڪ جهتي ڦهلائي رهيو آهين، پر هو ۽ هن جا ساٿي نہ مُڙيا. اُنهن کي موت اَئين ماري ڇڏيو جيئن ٻار گليل سان پکين کي چُٽيندا آهن ۽ هو ڌرتيءَ تي اچي ڦهڪو ڪندا آهن.

موت کان ڪنهن کي فرار ناهي ڇگو ۽ هر ڪنهن کي اُن جو ذائقو چکڻو آهي. پر مون ڏٺو آهي تہ ماڻهو اها ڳالهہ وساري ٿا ڇڏين ۽ هنن مان گهمنڊ ۽ آڪڙ نہ ٿي وڃي ۽ ڪنڌ مان ڪِلو نہ ٿو نڪرين، جيستائين موت ۾ سنڌن ڪنڌ لڙي نہ پوي.

حبيب الله ناريجو سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو ۽ هن تي الزام هو تہ هن يونيورسٽيءَ جو هڪ ڪمرو بم سان اُڏايو هو. هن کي حيدرآباد جي

مارشل لا ائڊمنسٽريٽر نظربنديءَ هيٺ ٽي سال رکيو هو. منهنجو ان ۾ ڪوبہ هٿ نہ هو. پر هن جا دوست شڪ ڪندا هئا تہ مون هن کي نظربند ڪرايو هو. هڪ ڀيري مان سکر کان شڪارپور وڃي رهيو هوس تہ پيٽرول پمپ وٽ هڪ جيپ بيٺي هئي، جا پيٽرول سان ڀري رهيا هئا. جيپ ۾ هڪ شخص ويٺو هو جنهن کي فلئٽ هئٽ ۽ ڪارو چشمو پيو هو. جيئن منهنجي ڪار جيپ وٽان ٽي گذري، تہ اُنهيءَ شخص مون کي گهروڙي بجا ٽي ڏنا. مون ڊرائيور کي چيو تہ ڪار پنتي موٽاءِ. مون چٽائي ڏٺو تہ جيپ ۾ حبيب الله ناريجو ويٺو هو. هو رُگهتو هو ۽ پنهنجيءَ سگهہ ٽي ڏاڍو بانور هوس ۽ چوندو هو تہ ”آزاد سنڌ جي فوج جو مان ڪمانڊرِان چيف هوندس.“ مون اها ڳالهہ حيدرآباد ۾ نور محمد ڪوجي سان ڪئي ۽ حيرت ڏيکاري هئي تہ جيئي سنڌ تحريڪ جا سرڪردا ائين اکين ٻوٽ ٽي پيا هئا. ڪجهہ مهينا گذريا تہ حبيب الله ناريجي کي ڪنهن لاڙڪاڻي ۾ هن جي گهر ٻاهران گوليون هڻي، اُنهيءَ ماٽ ۾ ڏڪي ڇڏيو جنهن اڄا تائين پڙڪ نہ ٻاقي آهي.* قاضي عمر، جو نور محمد ڪوجي جو گهرو دوست هو ۽ گڏجي پاڪستان کان ٻاهر سير سفر ڪيا آٽائون، هڪ ڀيري مون وٽ آيو. هو طارق اشرف جو دوست هو جو ”سهڻي“ رسالو ڪيندو هو ۽ غلام نبي مغل سان هن جي فلئٽ ۾ پرنس ڪامپليڪس جي بي بلاڪ ۾ رهندو هو. مان ڪجهہ ڏينهن اڳ چوٿينءَ هارٽ ائٽڪ مان اُٿيو هوس. صبح جو در هيٺان روزانو اخبارون ڪٽڻ ويس، تہ ڏٺم تہ در هيٺان اُنهيءَ مهيني جو ”سُهڻي“ رسالو بہ پيو هو مون ڏٺو تہ رسالي ۾ موهن ڪپلنا جو انٽرويو ڇپيو هو جنهن ۾ چيو هئائين تہ ”شيخ اياز شاهہ لطيف کان 11 نمبر تي آهي.“ وچ ۾ نَو ڪير هئا،اِهو هن نہ چيو هو. هو تہ اُهو خوش طبعيءَ جو مظاهرو پر طارق اشرف اهو ڄاڻي واڻي ڇاپيو هو تہ جيئن مون کي غصو اچي. مان هارٽ ائٽڪ مان چار پنج ڏينهن اڳي بستري مان

---

* حبيب الله ناريجو جيئي اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اڳواڻ هو مٿس سنجيده ڪارڪن کي شڪ هو تہ هو سرڪاري جاسوس هو. عبدالواحد آريسر هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ جيڪڏهن مون کي جيل ۾ ڪجهہ ٿيو تہ پڪ سمجهيو وڃ يتہ ان ۾ حبيب الله ناريجي جو هٿ آهي، هن جيل مان نڪرڻ بعد هڪ فوجي آفيسر جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئائين. جڏهن 1986ع ۾ سائين جي.ايم.سيد پنهنجي دوست خان عبدالغفار خان جي عبادت لاءِ دهليءَ ويو تہ حبيب الله بہ اتي وڃي نڪتو. سيد واپسي تي ٻڌايو هو تہ حبيب الله ڪيس، ڪجهي اداري جو خابرو لڳي ٿو. (ت.ج)

اُٿيو هوس. ان اذيت رسائيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو هو مان سمجهي نہ سگهيس. موهن تہ منهنجو دوست هو ۽ هن طارق اشرف جي روبرو هڪ بيٺڪ ۾ چيو هو تہ "شيخ اياز کي نوبيل پرائيز ملڻ گهرجي". ۽ هن جي غير حاضريءَ ۾ اُلهاس نگر ۾ هن ساڳي ڳالهہ چئي هئي ۽ وڌيڪ چيو هو تہ "نوبيل پرائيز لاءِ اِهو شرط نہ رکيو ويچي تہ شاعريءَ يا ناول جو انگريزيءَ ۾ ترجمو هجي." شام جو عمر قاضي مون وٽ آيو تہ موهن هن کي چيو تہ "طارق اشرف تنهنجو دوست آهي، تون مون وٽان جڏهن وڃين تہ هي رسالو طارق اشرف کي ڏيندو وڃجانءِ ۽ هن کي چئجانءِ تہ "تنهنجو رسالو هيٺ اخبارن واري وٽ ويهين رُپئي ملي ٿو. مون کي جڏهن ضرورت پئي تہ اُتان گهرائي وٺندس. اياز هي رسالو موٽائي ڏنو ٿِي."

صبح سان مون کي پنهنجي زال ٻڌايو تہ رات جو طارق اشرف جي گهران تاجل بيوس جو فون آيو تہ "طارق اشرف گذاري ويو آهي، شيخ اياز کي چئو تہ هن جي تڏي تي اچي." منهنجيءَ زال هن کي انڪار ڪندي چيو تہ "اياز تازو هارٽ اٽيڪ مان اُٿيو آهي ۽ ننڊ جون گوريون کائي سمهيو آهي، مان هن کي ننڊ مان نہ ٿي اُٿاريان، مون کي ذاتي طرح طارق اشرف جي موت جي خبر ٻُڌي افسوس ٿيو آهي." مون کيس جواب ۾ چيو تہ "افسوس تہ مون کي بہ ڏاڍو ٿيو مرحوم هڪ بيباڪ صحافي هو ۽ سنڌ جو فدائي هو. مون تي بہ نمبر ڪيڏيا هئائين. اهڙي شخص جي ڪنهن بہ آرڏائيءَ تي گهٽ ۾ گهٽ مون کي ڪاوڙ ڪرڻ نہ گهربي هئي، مان هن لاءِ دُعائي مغفرت گهرڻ کان سوا ڇا ٿو ڪري سگهان!"

هونئن موت جو ذڪر مون لاءِ زندگيءَ سان محبت جي نشاني آهي. پر انساني زندگي ڇا آهي؟ مرحوم شيخ عباس چواڻيءَ "زيرو (Zero) زيرو زيرو......"

مون جڏهن بيماريءَ سبب سکر مان لڏيو تہ فقط هڪ پيرو واپس ويو آهيان، سو بہ ڪتابن کڻڻ لاءِ، پر بيمار هوس ۽ بدر اُجڻ ۽ فتاح ملڪ وغيره جي دعوت ۾ بہ شريڪ نہ ٿي سگهيس. انيس جنهن کي اونو هوندو هو تہ پرپٺ اسان جي گهر مان سامان چوري ٿي ويندو سو بہ ماءُ سان گڏ هليو هو. مان اڌ ڪتاب کڻي سگهيس، جي هڪ پوريءَ ٽرڪ ۾ پرائي ادل سومرو ڪراچيءَ کڻي آيو. مون ادل کي بہ کوڪا ڪتابن جا برڪت علي آزاد لاءِ

تحفي طور ڏنا، جو بيمار هو ۽ جنهن جو گذر سفر ڪتابن جي وڪري تي مدار رکندو هو. اجا هڪ ٽرڪ ڪتابن جي، منهنجو سارو رڪارڊ، سوين سنڌي، اُردوءَ ۽ انگريزيءَ جا رسالا، ڪيئي لانگ پلي رڪارڊ، ٽي ريفريجريٽر، ٻہ ٽيلي وزن سيٽ، ڪراڪري ۽ ٻيو ڪيترو سامان، جو منهنجي زال شاديءَ واري وقت کان پوءِ ڪٺو ڪيو هو. اُن مان ريل جو هڪ گاڏو پرائي هنڌ بسترا وغيره انيس ڪٽائي آيو. باقي سيڪجهہ اُتي رهجي ويو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ دهشت گردي شروع ٿي، تہ اُن جو اثر سکر، ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ نواب شاهہ تي بہ پيو. پراڻي سکر ۾ منهنجا فقط ٻہ دوست رهندا هئا. هڪ ستار خان، جنهن سکر جي مضافات ۾ وڏو بنگلو ٺهرايو ۽ ٻيو حسن حميدي، جو هن دنيا مان ئي لاڏاڻو ڪري ويو. منهنجي عدم موجودگيءَ ۾ بجليءَ جي بل نہ ڀرڻ ڪري، جڏهن بجلي ڪٽي وئي تڏهن پنج دهشت گرد منهنجي گهر ۾ منهنجن ڪتابن ۽ رڪارڊ کي باهہ ڏئي روشني ڪندا هئا ۽ اُن مان سامان چوري ڪندا هئا ۽ ڪلاشنڪوف ڏيکاري پاڙي ۾ لاف زني ڪندا هئا تہ وڪيل صاحب ڇا ٿو ڪري. قدرت خدا جي، اُهي چوريون ڪندي ۽ ڪاٺ هٽندي، رينجرس جي مُنهن پيا، مقابلو ٿيو رينجرس پنجن ئي کي گولين سان پروڻ ڪري ڇڏيو. مون يوسف شاهين کي جڏهن اِها ڳالهہ ٻڌائي تہ حيرت سان پڇيائين ”ڇا پنج ئي ماريا ويا؟“ ”ها پنج ئي“ مون جواب ڏنو. گوليون پنجن ئي ۾ ”زيرو زيرو“ ٺاهي ويون.

تنهائيءَ ۾ مون کي ڪيترا نہ روڳي ويچار ورائي ويا آهن! مان تہ زندگيءَ جو شاعر آهيان، فطرت، محبت ۽ حيرت جو شاعر آهيان. سارو وقت مان حسن جي تلاش ۾ رهيو آهيان ۽ هن رنگارنگ ڪائنات کي ايتريءَ محبت سان ڏٺو اٿم، جڻ اُها ”همہ اوست“ جو مظهر آهي. اڳين صوفي شاعرن جيئن مان چئن علامتن ۽ استعارن جي چڪر ۾ نہ ڦرندو رهندو آهيان. منهنجي پراڻي دوست، رام ام لعل پنجواڻيءَ، جو مون سان پڙهندو هو ۽ افسانہ نويس هو پر پارت ۾ ادب کي ترڪ ڪري، سارو وقت وڪالت کي وقف ڪيو آتائين ۽ هاڻي پارت جي سپريم ڪورٽ جو سينئر وڪيل آهي، مون کي طنز سان لکيو تہ ”مون تنهنجن دعائن جو ڪتاب بہ پڙهيو آهي.“ مون هن کي لکيو تہ ”جڏهن ڪميونزم جو ترو نڪري ويو ۽ اُن جو جدلياتي ماديت جو فسلفو هڪ واهيات بڪواس ثابت ٿيو، تڏهن مون پنهنجي

مذهب ۾ آفاقي اقدار ڳوليا. اُهي دعائون جڳ جهان لاءِ آهن ۽ انهن جو مثال ساريءَ دنيا جي ڪنهن ملان يا پنڊت جي دعا ۾ نہ آهي. نہ انهن ۾ ڪوئي تعصب آهي، نہ ڪنهن فرقي يا مذهب لاءِ نفرت آهي. باقي جي اوهين منهنجي تخليق کي اُن جي دهريت جي ڪري ئي قبول ڪرڻ چاهيو تہ اها ٻي ڳالهہ آهي، مان اِن ۾ اوهان سان متفق نہ آهيان.“ زندگيءَ جي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي مون کي قائل ڪيو آهي تہ خدا روح ۽ زندگي جاويد آهي. باقي جي تون اڳيان اپنشد ڏسندين، جن ۾ وحدانيت جو تصور آهي تہ منهنجن دعائن ۾ اُنهن جي خلاف ڪائي ڳالهہ نہ آهي. مون ايترو موت ڏٺو آهي، جو زندگيءَ جو پل پل نعمت ٿو سمجهان ۽ اُن کي وڃائڻ نہ ٿو چاهيان، مان زندگيءَ جو جام تري تائين پي وڃڻ ٿو چاهيان ۽ عزرائيل کي اُڄ مارڻ ٿو چاهيان. جي خدا جي مهر ٿيندي تہ مان پنهنجو ڪم پورو ڪري ويندس ـ ڪم جيڪو نہ مان دولت جي لاءِ ڪريان ٿو ۽ نہ شهرت لاءِ، پر فقط پنهنجي ذات جي تڪميل لاءِ، جا منهنجي ڀرپور تخليقي اظهار ۾ آهي. فقط دنيا جا ڪجهہ ديوانا مصور مون وانگر لڳاتار ڪم ڪندا هئا، ۽ ڪوبہ شاعر اهڙو نہ ٿيو آهي. مان اهي ”نوبيل پرائيز وِنرس“ جا سڀ ڳٽڪا ڏٺا آهن، فقط بحر بي ڪنار جي ساحل تي واريءَ مان رانديڪا ٺاهيا اٿائون. منهنجي خود اعتماديءَ کي اناپرستي نہ سمجهيو وڃي. جي مون کي پاڻ ۾ اعتبار نہ آهي تہ مان ڪائي بي مثال تخليق ڇڏي ٿو وڃان، تہ باقي زندگي آرام ڇو نہ ڪريان ها؟ هي جو پيريءَ ۾ پنجين بجي صبح جو اُٿي لکان ٿو تہ اُن لاءِ ڪوئي تہ اُتساهہ آهي! باقي وقت مان گهر ٻار جي ضرورتن ڏانهن جوڳو ڌيان ٿو.

مون وٽ نہ نوڪر چاڪر آهي، نہ ٻورچي، منهنجا دوست گواهہ آهن تہ جڏهن هو مون وٽ ايندا آهن تہ مان پاڻ هنن وٽ چانهہ جو سامان کڻي ويندو آهيان ۽ منهنجي زال چانهہ ٺاهيندي آهي. مون کي ان تي افسوس آهي. ”دنيا ٻوهر، ذات منوهر“ ـ سکر ۾ منهنجي آفيس ڀرسان رهندڙ هڪ هندو درويش چوندو آهي، جنهن تي مان ٻوڙ ٿو اچان.

ياخدا! مون کي سگهہ ڏي تہ مان پنهنجيءَ تحرير ۾ ائين سگهہ ڦوڪيان، جيئن شينهنُ پنهنجي نئين ڄاول ٻار ۾ ڦوڪيندو آهي. مان پنهنجي آتم ڪهاڻي پوري ڪري سگهان، جيئن سچ سنڌوءَ جي لهرين ۾

پوري ڪندو آهي. منهنجو ڪنهن تي رنج نہ آهي، مون هر ڪنهن کي معاف ڪيو. شال خدا بہ کين معاف ڪري، جن منهنجي روح کي اذيت ڏني، خدا کين جنت ۾ جاءِ ڏئي! هنن علي محمد شاهہ راشديءَ جي پيش گوئيءَ جيان مون کي ٻُيا ڪري، واري سان نئين زندگي عطا ڪئي آهي. هو فقط منهنجيءَ جان جا دشمن هئا، صحيح معنيٰ ۾ هو منهنجي شاعريءَ جا معاون هئا، ۽ اُنهن کان سواءِ منهنجي شاعري اُتي پهچي نہ سگهي ها.

هتي مان هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. ڪن شاعرن کي نٽ نانگر ۽ پنهنجي ذات ۾ وڏاوڙي جو مرض تي پيو آهي. هو اهو نہ ٿا سمجهن تہ شاعريءَ کي پنهنجي زبان ٽيندي آهي ۽ پنهنجي پاڻ کي مڃائيندي آهي. پيسي سان شاعريءَ جي اهميت خريد ڪري سگهجي ها، تہ بهادر شاهہ ظفر غالب کان وڏو شاعر هجي ها. اڄڪلهہ جنهن وٽ ويهہ ٽيهہ هزار ٽين ٿا، اُهو پنهنجو ڪتاب ڇپائي رونمائي ڪرائي ٿو ۽ شاعر هڪبئي جي تحسين ڪن ٿا.

مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان پوپٽ ٿي پيو آهيان ۽ ڦول ڦول جو واس وٺي رهيو آهيان. جاڳ ٿي، تہ مون پاڻ کي پاڻ جي روپ ۾ ڏٺو. حقيقت ڇا هئي! پوپٽ يا ماڻهو؟ جاڳ يا سپنو؟ مان تہ پانيان تہ سپنو سچو هو سايا ڪوڙي آهي.

❊ ❊ ❊ ❊

هاڻي مان سَترَ واريءَ نظربنديءَ مان موٽي، سکر جي بار روم ۾ اچان ٿو ۽ اُهي تجربا لکان ٿو جن وڪالت ۾ منهنجي من تي اَمٽ ڇاپ ڇڏي آهي:

مان ڪجهہ مختلف قسم جو وڪيل هوس. مون کي فيءَ کان وڌيڪ مُوَڪّل ۾ دلچسپي هوندي هئي. مان گهڻو ڪري فوجداري ڪيس ڪٽندو هوس، ڇو تہ انهن ۾ مون کي انساني روح ۾ جهاتي پائڻ ۾ وٿي ملندي هئي. ائين نہ آهي تہ مون کي سول جي قانون ۽ آئين تي عبور نہ هو. ايوب خان جي مارشل لا تائين، مون زندگيءَ مان، شراب نوشيءَ ۽ انساني آغوش ۾، فرار حاصل ڪيو پر اُن دور تي پوءِ ٿو اچان.

پهريون تہ چوان ٿو تہ پنهنجي جيون ساٿيءَ تي لکان جنهن 1948 کان 1998 تائين مون سان پنجاهہ سال گذاريا آهن. منهنجي اوڻاين ۽ ارڏاين تي پرده پوشي ڪئي، بيماريءَ سيماريءَ ۾ هڪ بهترين نرس وانگر خدمت ڪئي آهي، جنهن جو وس پڄي تہ هڪ هندو عورت وانگر ستي لڪڙي

ڪري، منهنجي شاعري، منهنجي وڪالت، منهنجي ڪامياب زندگي سڀ هن جي سبب آهي. هن جو شاديءَ رات مون جڏهن گهونگهٽ مٿايو هو تہ ڏٺو هو تہ هن ڪي هرٽيءَ جهڙيون چيرويون اکيون آهن، ڪونيارين جهڙيون لڙڪندڙ بہ چوٽيون آهن، جن جي وچ تي سينڌ آهي، چپ ڪيپل انجير وانگر ۽ نڪ ۾ ڪن ڏولائتا اٿس، جڻ الف ليليٰ جي ڪتاب مان نڪري آئي آهي. مان شاديءَ کان پوءِ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون گهران نہ نڪتو هوس ۽ ماني بہ بيڊروم ۾ گهرائي کاڌي هيم. پاڙي ۾ چوپچو ٿي رهي هئي. چوٿين ڏينهن ڪجهہ ڪيلا، انگور ۽ ڏاڙهون بازار مان وٺي آيو هوس ۽ رات جو راڌي جي دڪان تان پٽاٽن ۾ تريل قيمي جون ٽڪيون، ڪباب، تريل مغز، جيرا بڪيون ۽ روٽيون ۽ نيوند حلوائيءَ جي دڪان تان مٺائيءَ جون بہ پنڊيون وٺي آيو هوس. زرينا روٽيءَ سان ڪجهہ ڪباب ۽ ٿورو مغز ۽ ٿورو دندان گيري حلوو کاڌو هو. هن ساري عمر، هوندي سوندي فاقہ ڪشي ڪئي، ۽ هن وقت ڪيس تلورجي تور آهي، جيتري شاديءَ وقت بہ نہ هئي. گهڻو ڪائو ۽ پيٽ چٽين عورتن کي ان عمر ۾ بُل ڪائيندڙ پيٽ ۽ پُنيون هونديون آهن ۽ آسٽيءَ تي ويهنديون آهن تہ جڻ هنداٽا ڦسي پوندا آهن. ڪن کي آڦريل انگ ۽ اکڙوٽن جيڏيون اکيون ۽ پيٽَ نڪتل هوندا آهن ۽ پُڏيون ٽي وينديون آهن. زرينا جا ڏند سالم ۽ ديد چٽي آهي، ۽ سُئيءَ ۾ سڳو وجهي ويندي آهي. جڏهن هوءَ منهن تي ڪريم مکيندي آهي تہ هن جو رنگ تازي ڏؤنري جهڙو لڳندو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هُن جا وار اڳي جئن ڏاڍا گهاٽا ۽ ڊگها نہ رهيا آهن، تڏهن بہ ڪافي وڏا آهن. هن ماءُ کان نماز سکي هئي ۽ هن وقت تائين پنج ئي وقت نماز پڙهندي آهي. سياري ۾ فجر جي نماز لاءِ ٽڏي پاڻيءَ سان منهن ڌوئندي آهي. ٽيهہ ئي روزا رکندي هئي - رڳو هِن پيري هُن پندرنهن روزا رکيا تہ بيمار ٿي پئي ۽ منهنجي پُٽ ڊاڪٽر سليم ڪيس چيو تہ ”امان تنهنجي ٽيهن روزن جي عمر نہ رهي آهي.“ ان جي باوجود هُن پويان بہ روزا رکيا. تن کي تَسيا ڏيڻ هن جو مرغُوب مشغلو آهي. منجهند ۽ رات جو نقط هڪ ماني ڪنهن سبزيءَ يا دال يا دال ۾ پيٽل قيمي جي ٽڪيءَ سان کائيندي آهي. هوءَ ساڄهر اُٿي نماز پڙهي، بہ ڪلاڪ درود شريف پڙهندي آهي. جاءِ نماز ۽ تسبيح هن لاءِ بهترين تحفو آهي، جو منهنجا ڪيترائي دوست حج ۽ عمري تان منهنجي لاءِ آڻيندا آهن، جن مان ڪجهہ

هوءَ پاڻ لاءِ رکندي آهي. ۽ ڪجهہ ڏيئن کي ڏئي ڇڏيندي آهي. مان ان وچ ۾ هن کي ناشتي لاءِ چوندو آهيان تہ هوءَ رنج ٿيندي آهي، پر پوءِ بہ اُٿي مون کي ناشتو ڏئي، وچي درود شريف پڙهندي آهي ۽ ڊاپي نہ ڊاپندي آهي. هوءَ هڪ نيٺ مذهبي عورت آهي. غريب غربي کي فراخدليءَ سان خيرات ڏيندي آهي ۽ پکي پکڻ کي چوڻو وجهندي آهي. ۽ مان ڪافي وقت لاءِ دهريو رهيو آهيان ۽ هاڻي اسرار پسند (Mystic) رهيو آهيان. اسان زندگيءَ ۾ هڪٻئي جي عقيدي تي واتا ورڻ نہ ڪيو آهي.

جهُڙاليءَ ۽ ترائيءَ کي ڇڏيءِ رُڃ جو پيچو شاعر جي فطرت ۾ شامل آهي. منهنجي شاعريءَ جو پس منظر اُڃ آهي، جا پُجهي نہ ٿي پُجهي ۽ رُڃ آهي، جا کٽي نہ ٿي کُٽي! شايد مون ۾ ديوانگيءَ جو عنصر آهي، جو مون کان ڏيڍ بجي رات جو لڪائي ٿو ۽ پنجين بجي باک کان اڳ جاڳ ٿئي ٿي تہ دل چوي ٿي تہ "جلدي فارغ ٿي ويهي لکان. قدرت مون کي هڪ ڏينهن پيو بہ ڏنو آهي."

هڪ ڀيري زرينا چيو تہ "تو اُٽ ڪتابن جا پڙهيا آهن، ڇا اهڙي بہ ڪائي سٽ پڙهي اَٿي، جا تنهنجي بي چَين من کي چَين ڏئي." "نہ" مون جواب ڏنو "علامہ اقبال، جو وڏو اسلام پسند شاعر هو اهو بہ زندگيءَ کي موج (لهر) جي پيچ وتاب سان تشبيهہ ڏيندو هو جنهن کي سمنڊ ۾ رهي بہ چَين نہ آهي." مون هڪ شعر ۾ لکيو هو تہ:

هيءَ سَين نہ ڏيندي چَين اُٿي ڏس، ڪوئي آيو آ پيارا،
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اُجايو آ پيارا.

مون کي اڄ تائين معلوم نہ آهي تہ اُها سَين ڪهڙي آهي، جا چَين نہ ٿي ڏئي ۽ اُهو "رمتو" ڪير آهي؟ مون زرينا ڏانهن ڏنو تہ هوءَ رڪُوع ۾ هلي وئي. زرينا ۾ ہاجهہ گهڻي آهي، جڏهن ٽرئفڪ ۾ ڪار روڪبي آهي ۽ ڪوئي لولو لنگڙو يا پوڙهو فقير هن کان خيرات گهرندو آهي تہ هوءَ ڪيس ہہ ٽي رپيا ڏيندي آهي. خيرات لاءِ هوءَ ڪجهہ روپيا ہٿونءَ ۾ ڪٽندي آهي. شاديءَ کان پوءِ مون هن کي نڪر جون پاٽيون اَن ۽ پاٽيءَ ان پري رکندو ڏٺو آهي. بالڪنيءَ ۾ تختي جي آڏ ڏئي ڇڏيندي آهي، جتي ڪبوتر آنا لاهي ٻچا ڪري سگهن، جتي ڪبوتر هڪڙا ٻچا آنن مان ڦوڙيندا آهن ۽ اُهي وڏا ٿي اُڏامي ويندا آهن، تڏهن ٻيا آنا لاهيندا آهن. هنن جي تحفظ لاءِ ڪنهن بہ ہار

ڪي بالڪنيءَ ۾ ويڄڻ نہ ڏيندي آهي. سڪر ۾ بہ ائين ولر پکين جا اسان جي ڪوٺي تي ايندا هئا. ۽ جڏهن مهاجرن جا ٻار اُنهن کي گليل سان ڦٿي وجهندا هئا، هوءَ اُنهن کي پاٽي پياريندي هئي ۽ جيستائين چاق ٿي اُڏامي ويندا هئا. تيستائين انهن کي چوڳو وجهندي هئي ۽ اُس مينهن کان ڍڪيندي هئي. جيڪڏهن ڪوئي مهاجر جو ٻار ڪبوتر لاءِ در ڪُڙڪائيندي هو تہ هن کي دڙڪا ڏيندي هئي ۽ چوندي هئي تہ "ڳنڍ ڳوڙهو نہ ڪر. هِن پکيءَ تنهنجو ڇا بگاڙيو هو؟" هوءَ شاديءَ مراديءَ وقت ڪڏهن پيڪي دار ڪپڙا پائيندي هئي تہ وري اُنهن کي هٿ نہ لائيندي هئي ۽ ڪنهن غريب عورت کي هُن جي ضرورت جي وقت ڏئي ڇڏيندي هئي، هوءَ اخبارون، دبا ۽ شيشون ڪٺيون ڪري، نوڪرياڻيءَ کي ڏيندي هئي، تہ جيئن وڪڻي ڪارج ڪري ڏهہ پندرنهن رپيا حاصل ڪري سگهي. نظر بد کان هوءَ روز هرمل ساڙيندي آهي، ۽ ماءُ ۽ وڏڙين کان ٻُڌل سُتين ڦڪين ۾ سندس ويساهہ آهي، جي هوءَ وٺندي تہ چڱي ڀلي ٿي ويندي آهي. هوءَ چوندي آهي تہ "اڄ هر ڊاڪٽر ايڪس ري ۽ الٽراسائونڊ لاءِ ٿو چئي ۽ نالو لکي ٿو ڏئي تہ فلاڻي کان ڪرائجو ڇو تہ اُن جو نتيجو پروسي جوڳو آهي، شايد ڊاڪٽرن جا انهيءَ ايڪسري ۽ الٽراسائونڊ وارن ۾ حصا پتيون ٿيون ٿين." پنهنجي پُٽ سليم ۽ ڌيءَ ڊاڪٽر روحيءَ کي صلاح ڏيندي آهي تہ "غريبن جو علاج مفت ۾ ڪجو." جيڪڏهن ڪوئي هُن وٽ ڪائي شيءِ امانت رکندو آهي، تہ هوءَ اُها سانڍي رکندي آهي ۽ چوندي آهي تہ "ڪنهن جي امانت ڪائي ويڃڻ جهڙو ٻيو گناهہ نہ آهي." هن ڪافي انسانن تي اوچتيون آفتون ايندي ڏٺيون آهن، ۽ چوندي آهي تہ ڪنهن جي پِٺَ چڱي نہ آهي، جي آمريڪا مان نڪتل آواز هڪ سيڪنڊ ۾ پاڪستان ٿي. ويءَ تي پهچي وڃي ٿو تہ انسان جي آهہ تہ عرش عظيم ٽپيندي ويرم نہ ڪندي هوندي "هن ڪيئي ايمانين جو ڳاٽو ڀڄندو ڏٺو آهي، ۽ چوندي آهي تہ "خدا جي در توبه آهي ۽ آڏ وڏائي چڱي نہ آهي." هوءَ صدقي ۽ خيرات جي قائل آهي ۽ چوندي آهي تہ " صدقي جو گوشت غريب غُربي ۾ ورهايو وڃي." بيماريءَ وقت دوا کان وڌيڪ دعا تي اعتبار ڪندي آهي. صبر ۽ شڪر هن کي ورثي ۾ مليو آهي ۽ هن جي تجربي فقط اُن جي افاديت جي تصديق ڪئي. هُن جون اُهي سڀ ڳالهيون، جيڪي مان ڪيئي سال دقيانوسي سمجهندو هوس، هاڻي

سوچيان ٿو تہ ڪير دقيانوس هو مان يا هوءَ!

هومرجا سڀ ڪردار قبل مسيح کان ڪيترو وقت اڳي ٿيا هئا. اُهي ناؤ نوش ۽ لهو لعب ۾ زندگيون گذاريندا هئا. ۽ عورت هنن لاءِ عيش جو ذريعو هئي. هو بي بي مريم جهڙي عورت خواب خيال ۾ نہ آڻي سگهندا هئا. عورت هنن لاءِ اُرهہ هئي، رانون هئي ۽ عيش ۽ طرب جو ذريعو هئي؟ ڇا، يوناني فلسفيءَ ايپيءَ ڪيورس جو ڪو بقول غالب، هم مشرب، هم پيشہ وهم خوار نہ هو؟ ڪيئن چئجي تہ دقيانوسي ڪير هو هُوءَ يا مان؟ دهريا ڪنهن بہ مذهب کان ڪيئي صديون اڳ پيدا ٿيا هئا. جي چنڊ ۽ سج کي پوڄيندا هئا. ۽ سوم رس پي، راتين جو رنگ رليون ڪندا هئا؟ خدا جو تصور هن ڪائنات تي غور و خوض جو نتيجو آهي. ماديت بہ ڪارل مارڪس کان هزارين سال اڳ جو فلسفو آهي.

مان هي لفظ اجا لکان پيو تہ زرينا جولاءِ 1997ع جي روزاني "عوامي آواز" ڪٽي آئي، ۽ چيائين تہ "اوهان جو دوست حفيظ قريشي گذاري ويو." "عوامي آواز" ۾ هو تہ "سنڌ جي آزاديءَ جو عاشق حفيظ قريشي گذاري ويو. هڪ مهيني کان زندگيءَ ۽ موت جي ويڙهہ وڙهندڙ قومي اڳواڻ اڳاري شام جو وجي مٽيءَ ماءُ کي پرتو. خاڪسار تحريڪ ۾ حصو وٺڻ ۽ پليجي سان گڏ رهڻ کان پوءِ جي. ايم. سيد سان گڏ رهيو." پليجي ۾ ڪميونسٽن وانگر نظرياتي دشمني آهي، هو هيترين بيمارين ۾ مون کان پڇڻ نہ آيو جڻ ڪميونزم جي تباهيءَ جو ڪارڻ استالن ۽ مائوُ نہ هئا، پر آءٌ هوس. جيتوڻيڪ آءٌ ڪائنن جناح اسپتال ۾ پُڇڻ ويو هوس، جڏهن هن جي پڄيرو سان ٽڪر ٿيو هو ۽ هن کي ڪجهہ ڏڪ لڳا هئا. حفيظ قريشي اڪين پوٺُ نہ هو ۽ مون کان ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽيٽيوٽ ۾ پڇڻ آيو هو توڙي اسان نظرياتي طور مُتفق نہ هئاسين. هوءَ جيڪي بہ خاڪسار ٿيا آهن، تحريڪ جي ناڪاميءَ کان پوءِ اسلامي اَحيا ۾ آسرو پلي ويٺا آهن. مشرقي نہ مري ويو مشرق مري ويو ۽ هاڻي ڪائي ڦير گهير جي آس وٽن نہ رهي آهي. ٽراٽسڪيءَ ۽ ايم. اين. راءِ جي شڪست کان پوءِ ٽراٽسڪائيٽ ۽ رائسٽ ائين چوندا هئا تہ هر انقلاب جو دروازو بند ٿي ويو. اُهي پنهنجي پنهنجي گروهہ سان پنهنجون ساروڻيون ونڊيندا هئا ۽ ٿڌو ساهہ پري چوندا هئا تہ ڇانہ دور هوا ڪي ڪميونسٽ. ڪميونزم جي شڪستَ فاش کان بہ پوءِ

ڪُميءَ وانگر ڪنڌ لڪايون ويٺا آهن، ۽ اڳتي رستو ڏسي نہ ٿا سگهن. بهرصورت هُو ضد ڪري رهيا آهن تہ اُنهن جو نظريو صحيح هو ۽ موٽي ايندو. ڪيترا نہ انسان پنهنجي دور سان ريجهي نہ ٿا سگهن ۽ مستقبل سان اکيون ملائي نہ ٿا سگهن. ڪامريڊ احمد وٽ آگي قدم پريس ۾ ويجبو تہ هن وٽ ايم. اين. راءِ جي هفتي وار رسالي جا ٿها ۽ ٻيا دستاويز ۽ رسالا ائين رکيا آهن، جيئن گرو مندر ۾ گرنٿ رکيا هوندا آهن، ۽ هو پنهنجي اڪال تخت تي ويهي اُنهن ڪي حسرت ۽ محبت سان ڏسندو آهي. مون ديوبندي مولانا حسين احمد مدنيءَ جي هڪ پراڻي پيروڪار جي نفسيات ”جڳ مڙيوئي سپنو“ ۾ ڇتي آهي. حفيظ قريشي ماضيءَ جي مزار ۾ نہ رهندو هو ۽ سنڌ جي موجوده حقيقت سان پنجہ آزمائي جي. ايم. سيد جي رهنمائيءَ هيٺ ڪندو هو. سيد ڪي وِيزَنُ (Vision) تہ هو پر اُن ڪي حقيقت جي روپ ڏيڻ لاءِ طريقہء ڪار نہ هو هو تاريخ جي پنج فيصد ”بعيد از فهم عناصر“ (Imponderable factors) ۾ اعتبار ڪندو هو.

حفيظ قريشيءَ ڪي پنهنجو مخصوص مزاج هو. هو ماڻهوءَ ڪي منهن تي چئي ڏيندو هو. هو قد جو پورو پنو رنگ جو ڳورو، موٽاپي ڏي مائل شخص، ۽ لٽي ڪپڙي ۾ سادو سودو هوندو هو. جمال ابڙي ٻڌايو تہ ”هڪ هو ۽ ڪجھ خاڪسار گڏجي، مشرقيءَ سان لاهور ملڻ وياسين. ڪلاڪ ڪن ڪچهريءَ کان پوءِ علامہ مشرقيءَ کان موڪلايوسين.“ ان تي علامہ صاحب چيو، ”اوهين سنڌ مان آيا آهيو رڳو هڪ ڪلاڪ گفتگو ڪري هليا ٿا وڃو!“ ان تي حفيظ ڪيس جواب ڏنو ”مولانا اسين وڃون ٿا ٻاهر عيش ڪرڻ.“ مولانا اهو جواب ٻڌي ڇرڪ ڀريو. هُن ڀانيو تہ هيرامنديءَ ٿا وڃن. حيرت مان هُن کان پڇيائين، ”بابا، ڪهڙو عيش ڪرڻ؟“ حفيظ جواب ڏنو ”سيب کائڻ، انار کائڻ، انگور کائڻ ۽ طرح طرح جو ٻيو ميوو کائڻ. ميوو کائي موٽي ٿا اچون.“

هڪ ڀيري ڪنهن اڳئين مرڪزي وزير وٽ منهنجي دعوت هئي، منهنجي هن سان رسم و راهہ هئي، سو هن کي هوٽل مان فون تي حال احوال ڪيم تہ چيائين تہ ”منجهند جي ماني اچي مون وٽ کاءِ!“ مان هڪ بجي هن جي گهر پهتس. اُن وقت جيئي سنڌ تحريڪ پنهنجي چوٽ تي پهچي چُڪي هئي. حفيظ قريشي ساڳئي ڏينهن هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل هلائڻ آيو هو. هن کي سُڌس پئي تہ آءُ فلاڻي وٽ آهيان، سو اسان مانيءَ جي ميز تي

ويناسين، تہ ايتري ۾ حفيظ قريشي بنا اطلاع جي اچي "السلام عليڪم" ڪيو. چيائين تہ "توکي ڏاڍو ڳوليو اٿم. مون کي معلوم ٿيو تہ ڪلهہ کان تون ڪراچيءَ ۾ آهين!" مون حفيظ جو وزير صاحب سان تعارف ڪرائيندي، چيو تہ "هيءُ آهي حفيظ قريشي صاحب! سنڌ جو بهترين مقرر آهي." وزير، جو ذاتي زندگيءَ ۾ خلوص ۽ مروت وارو شخص هو پر سياسي زندگيءَ ۾ ڪيس رُڪ جو رڳون هونديون هيون، ۽ ماڻهو ڪير تہ کان ڪارونجهر تائين هن جو نالو ٻُڌي سمجهي ويندا هئا. تنهن حفيظ کي رکي پليڪار ڪندي، چيو تہ "اوهين آيا آهيو تہ ماني کائي وڃو." پوءِ هن کان پڇيائين تہ "جيئي سنڌ جي تحريڪ جو ڇا حال آهي!" حفيظ ورندي ڏنس تہ "مون کي اياز صاحب سان ڪجهہ وقت گذارڻو آهي، ۽ اُن ڪري مانيءَ تي ويهان ٿو. باقي توهان لاءِ مون کي ڪوئي چڱو رايو نہ آهي."

"مون لاءِ اوهان جو ڪهڙو رايو آهي." وزير صاحب ٿوريءَ حيرت سان پڇيو.

"منهنجو خيال آهي تہ سنڌ ۾ پنج تن پليت ٿيا آهن، اوهان اُنهن مان هڪ آهيو."وزير صاحب جا طاق لڳي ويا ۽ ڳاڙهو ٿي ويو. ڪنهن هن جي مُنهن تي بي سبب اهڙي زور سان لپاٽ نہ هنئي هئي. مون سمجهيو تہ اجهو ٿو پوڙهو گُرگ هن جي ڪنڌ تي ڪڙڪي. اِئين ٿي هڪ پيري مان هُن سان موٽر ۾ سيوهڻ وڃي رهيو هوس، هن جي زال هن جي اڳيان ويٺي هئي. هڪ ٽرڪ وارو جو هن جي اڳيان هلي رهيو هو اُن هن جي ڪار کي رستو نہ پئي ڏنو. توڙي جو هن ڪيئي ڀيرا هارن هلايو هو. پُٺيان منهنجي پرسان دونالي بندوق پريل رکي هئي. ويهندي ئي هُن چيو هو "اياز! اِها بندوق اُپي ڪري چڏجان، تہ چٽي نہ وڃي. هن هڪ هنڌ ڪار روڪي، بندوق سان ٻہ فائر ڪري، ٽرڪ جا ٽائر ڦاڙي ڇڏيا ۽ جيستائين ڊرائيور هيٺ لهي، تيستائين ڪار تيزيءَ سان هلائي ويو. اهڙي آرڏي ۽ اڙٻنگ مڙس کي، حفيظ هن جي تواضع ۽ خوش اخلاقيءَ جي باوجود، ڇا چٽي رهيو آهي؟ مون سوچيو. وزير صاحب جي زال، جا هن جي پرسان ويٺي هئي ۽ ماني رکائي رهي هئي، تنهن مڙس کي کلي چيو "ڪوئي تہ آهي جنهن توکي منهن تي سڌي ٻڌائي آهي." وزير صاحب ڪاوڙ پي ويو ۽ ميزبانيءَ جا آداب برقرار رکندي، مُرڪي ويٺو ۽ ڪوڪا ڪولا هن ڏانهن وڌايائين ۽ ڳالهہ لنوائي ڇڏيائين.

ٻئي ڀيري مان، حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو هڪ ڪار ۾ بدين

ڏانهن ڪنهن ڪانفرنس ۾ وڃي رهيا هئاسين. پليجو صاحب ٽانڊيءَ ٽپڙو پر چيتائتو مُڙس آهي. هن ڪيئي ڀيرا حفيظ کي منهنجي روبرو سمجهو سڃاڻ ۽ ڏاهو ڪوٺيو هو. اتفاق سان ڪار ۾ گفتگو ڪندي، پليجي اٺ ڀيرا مائوءَ جي سرخ ڪتاب مان حوالا ڏنا، ۽ چيو تہ "ڪامريڊ مائوءَ هيئن بہ چيو آهي، هونءَ بہ چيو آهي..." ان تي حفيظ قريشيءَ چيس تہ "پليجا صاحب! جي مائوازئين نہ چوي ها تہ اِها ڳالهہ اعتبار جوڳي نہ هجي ها ڇا؟" پليجو ڳاڙهو ٿي ويو پر منهنجيءَ موجودگيءَ ۾ ماٺ ٿي ويو. اُن وقت حفيظ قريشي سياست ۾ هن سان همرڪاب هو. حفيظ قريشي ڳالهين ۾ جنهن طريقي سان حوالا ڏيندو هو ۽ اُنهن جي تشريح ڪندو هو سو بہ هن جو خاص ڍنگ هو. هڪ ڀيري هُن منهنجو غزل پڙهيو:

هيءَ هُرڪُر رين بسيرن جي
ٿي ويندي ساک سويرن جي.

پوءِ هن چيو تہ "هر لفظ منڊيءَ تي جواهر وانگر جڙيل آهي ۽ اوهان جي اکين اڳيان اجوڪي سنڌ اُڀري اچي ٿي - "هرڪر" "رين بسيرا" "ساک" "سويرا" انهن لفظن تي سوچي ڏسو. ڇا تہ موتي اسان جي شاعر پوتا آهن! اهو شعر پروپيگنڊا بہ آهي، نہ بہ آهي. پوءِ اڳتي بيو شعر پڙهيائين:

مون مرڪي پنهنجو پاند ڏنو
رت آئي ڳاڙهن بيرن جي.

پوءِ سامعين کان سوال پڇيائين: "اوهان کي خبر آهي تہ بسنت ۾ ڪهڙو وڻ ڦلاريو آهي! بسنت ۾ بير اڳ ۾ ڦلاربي آهي ۽ جيئن وقت گذرندو آهي، اُن جا بير ڳاڙها ٿيندا ويندا آهن. اهو آهي شاعر جو مشاهدو."

مان گهڻو اڳتي نڪري آيو آهيان ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي گهاٽين ولين ۾ وڃائجي ويو آهيان. پر سکر ڪورٽ ۾ بيهر رڪان، ان کان اڳ ۾ مولانا گراميءَ جو ذڪر ضروري ٿو سمجهان، جو بہ فصاحت ۾ پنهنجو مثال هو. لفظ لهريون ڪري هن جي زبان تي ايندا هئا. جڏهن مون تي مچر پون پون ڪري رهيا هئا، ڪيئي وڇون ڪاٽي رهيا هئا ۽ ڪيئي نانگ اُلري رهيا هئا، تڏهن هُن منهنجو دفاع ڪيو ۽ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. هن

مشرقي شاعريءَ تي اٽڪل اَسي صفحا لکي، منهنجن مخالفن کي ڏُونَ وارو زوردار ٺونشو هنيو ۽ هنن جي ناسن مان رت ٺينڊيون ڪري وهڻ لڳو.*
ڪنهن وقت اهو تبصرو ڪين ڪابر وانگر منهن تي لڳو ڪنهن وقت دانگيءَ وانگر. هو ڪوڪلا، اندر سڪٽا، اڻ چاڻ، مُدي خارج ماٺهو هئا. سڀ ڪڙٻ جي ڪانن وانگر ڪُٽرِ تي ويا. مون کي پوءِ معلوم ٿيو تہ ڪوڏڙي کي ڪوسڙو نہ هٽبو تہ ڪونس نہ ڇڏيندو. باقي اخبار ڪيچل ڪندي رهي ۽ اُن کي بہ وقتَ بند ڪري ڇڏيو. مان سوچيندو آهيان تہ ڇا هر مُئي کي مرحوم چوڻ ضروري آهي؟ جي ها تہ پوءِ دوزخ ۾ ڪير واڙيا ويندا؟ مولانا گراميءَ هنن کي اهڙو آڪيڙو چاڙهيو جو هنن جا ٻوٽ بند ٿي ويا. پوئين مارشل لا کان پوءِ ڏرتيءَ هينان سيءَ جي موسم گذاري، ڪاريھرن وانگر ٻرن مان نڪري آيا ۽ وري ڦڪارڻ لڳا. پر نيٺ هُنن جو سارو رينگٽ بند ٿي ويو وقت اُنهن تي ٻُوٽاڙيون چاڙهي ڇڏيون، ۽ هو مون لاءِ ڪو ٻُوهو ٻاري نہ سگهيا. اُن ساريءَ سوڀ جو سهرو مولانا گراميءَ تي آهي، جنهن سانَ ليٿائي وڌا.مولانا ۾ نہ فقط پيٽ جي پُرخوري هئي، پر قلم جي شهزوري بہ هئي.

❊ ❊ ❊ ❊

هاڻي مان ٿو سکر ڪورٽ ڏانهن اچان، جتي مون کي اهي تجربا ٿيا، جي ڪنهن وڪيل کي ورلي ٿيا هوندا. ڪٿان ڪهاڻي شروع ڪريان؟ منهنجو سارو رڪارڊ تہ دهشت گردن جلائي ڇڏيو بهرصورت جو ڪجهہ ياد اچي ٿو اُهو لکان ٿو:

هڪ پيري جوئر ڊِڊِي ۾ هئي، بهارَ هيڏانهن هوڏانهن لامارا ڏئي رهي هئي، پيهي تي ڪوئي بہ نہ هو. زينيءَ رانجهي کي ڏسي چوطرف ڏٺو. جڏهن ڪيس ڪوئي نظر نہ آيو سواءِ رانجهي جي، تہ اوچتو هوءَ جوئر جي کيت ۾ گهِري وَئي. رانجهي تي جڻ وِڄُ ڪري، هو ڳڪيون ڳُنڍيون مينهون ڇڏي، هن جي پنيان ويو. جهرڪيون چوڏاري چون چون ڪري رهيون هيون. جي ماٺهو ڏسن ها تہ اُڏامي وڃن ها. رانجهي بہ چار قدم کنيا تہ ڏٺائين زيني هن جو انتظار ڪري رهي آهي. هن ڪيس ہِڪ ۾ڪٽي زمين تي ليٽايو. هن پنهنجو پوتڙو لاهي پري ڦٽي ڪيو زينيءَ کي ڳاڙها ڳل، ۽ زيتوني رنگ هو

---

* مولانا غلام محمد گراميءَ جي طويل مقالي ڪتاب مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" ڏانهن اشارو (ت. ج)

۾ هن جا اُرھ انبورجي ويا هئا. هُن نہ رڳو هٿن پيرن تي، پر ڏُن جي هيٺان مينديءَ مان گل ٺاهيا هئا. ڪيس ٻاڙهيءَ ڇيٽ جو گهگهو ۾ سٽڻ پئي هئي. هن جو ٻاڙهو رئو مٿي تان سِرڪي هيٺ ڪريو. رانجهي جي اوگهڙ ڏسي هن جي اندر ۾ آريون هلڻ لڳيون. اوچتو رانجهي ڪي ڪانن ۾ ڇُرپر ۾ ماڻهن جي سُس پُس ڪنين پئي. شايد ٻہ مڙس اچي رهيا هئا. هو پوتڙو ڌرتيءَ تي ڇڏي، هرڻ وانگر ڇلانگ ڏيندي ۾ ڪانا چيريندي ٻنيءَ مان ٻاهر هليو ويو. هُن زينيءَ جو آواز ٻُڌو تہ "مون سان زوري پئي ڪيائين." ايتري ۾ ڪُهاڙيءَ جا ڌڪاوَ ٿيا. رانجهو مينهون ڇڏي وٺي اُگهاڙو ڀڳو. گهر پهچي هن رسيءَ تان ٻيو پوتڙو ڇڪي، پاڻ کي ٻڌو ۾ زال کي هِڪو ٻڪو ڇڏي، وٺي پيرين اُگهاڙو ڀڳو ۾ گهوٽڪيءَ مان ويندڙ بس ڏانهن ڊوڙ پاتائين. هن کي ڪيسي ۾ڪجهہ رپيا ها، جن مان هن اُباوڙي جي ٽڪيٽ ورتي. هُو ايترو ڊنل هو جو ڪنهن سهي وانگر ٿي لڳو جنهن جي پٺيان ڪاتر سان ڀيلُ ڊوڙندو هجي. اُباوڙي مان هن صادق آباد لاءِ ٽڪيٽ ورتي، جتي سندس سوٽ وڙائتو رهندو هو. هن واري واري سان پُٽ تي ڏنو تہ ڪوئي اچي تہ نہ رهيو آهي، موت جو ڀَۃ محبت جي تَوَ کي نهوڙي چُڪو هو. رانجهي جي ٻُڌسُڌ وڃائجي وئي هئي. هن جو سوٽ هن کي ڀِت ڀت ڪندي ڏسي وائڙو ٿي ويو. هن کي لسيءَ جو گلاس ڏئي، هن کان حال احوال ورتائين. رانجهو لسي پي سامت ۾ آيو ۾ سوٽ کي پيرائتي ڳالهہ ٻڌايائين. اُتي وڙائتي جو پُٽ ڳهٽو بہ وينو هو. رانجهي کين چيو تہ ڪيس گهر ۾ پناھ ڏين، جيستائين زينيءَ جا خوني پڪڙجن، ڇو تہ هنن زينيءَ کي ضرور ماري وڌو هوندو. ڳهٽي رانجهي کي جواب ڏنو تہ "اسان ياڙئي کي پناھ نہ ڏيندا آهيون. تون جي ڌڪ بچائي بچي اچين ها تہ جيءَ ۾ جايون ڏيون ۾ ها." رانجهي جواب ٻڌي وڙائتي کان رڳو ويھ رُپيا اُڌارا ورتا ۾ بس ۾ ڀيڙيائين رحيم يار خان ڏانهن ۾ ٻئي سوٽ سوپاري جي گهر پهتو. هن جو در کڙڪايائين تہ دروازو هن جي زال سگهڙِ کوليو. هن جا حال ڏسي سگهڙ ڪانئس پڇيو "ياڙئا خير تہ آهي؟" هن جواب ۾ هن کان پڇيو "سوپارو ڪٿي آهي؟" سگهڙ چيس تہ "ٻاهر ياڄي، وڻڻ ويو آهي، اجهو آيو." جيستائين سوپارو ياڄي وٺي موٽي، تيستائين هُن کي اندر ۾ آنڌ مانڌ ايتري هئي، جو ڪمري جي هڪ پت کان ٻيءَ پت تائين ٿي ڦريو ۾ سڄي مُڪ ڪبيءَ تريءَ تي پئي هنيائين. جڏهن سوپارو آيو جو بہ هن کي

ڏسي واٽڙو تي ويو رانجهو سوپاري کي ہٿي ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ سارو حال احوال ٻڌائي چيائينس، "رڳو جان بچائي ڀڳو آهيان." سوپارو ڊِگ مڙس هو ۽ ڪُهاڙيءَ جو ڪوڏيو هو. پنج اٺ مڙس هن کي وٺي نہ سگهندا هئا. هن رانجهي کي چيو تہ "سوڻ اُلڪو نہ ڪر! هتي تنهنجو وار بہ ونگو نہ ٿيندو منهنجي زال پڇيئي تہ چئجانس تہ "مون ويڙهاند ۾ مڙس ماري وڌو آهي." متان سچي ڳالهہ ڪرينس! تون هتي رهي پؤ مان واقعي جي باري ۾ خبر چار رکان ٿو." سوپاري پنهنجي هڪ دوست ميهر کي رانجهي جي ڳوٺ موڪليو جنهن مان کيس معلوم ٿيو تہ زينيءَ جي مڙس ۽ ڏير زينيءَ کي ڳيا ڳيا ڪري ماري وڌو هو ۽ پوليس ہنهي جوابدارن کي جهليو هو جن مئجسٽريٽ جي سامهون قلم ڪ پ ڪ هيٺ باس ڏني آهي. ميهَرَ مان وڌيڪ خبر پئي تہ فريادَ زينيءَ جي پيءُ لکرائي هئي، ۽ زينيءَ جي مڙس ۽ ڏير رَت هاڻيون ڪُهاڙيون ڪيڌي ڏنيون هيون. جڏهن ڪيس چالان ٿيو تہ سوپارو مون وٽ آيو چيائين، "تون فريادي پاران ڪيس ڪڻ!" مون رانجهي کي چيو تہ "فريادي ڪٿي آهي تہ مان هن کان وڪالت نامو وٺان." ان تي رانجهي جواب ڏنو تہ "مان هُن سان ملي نہ ٿو سگهان، هُن کي ساري خبر هوندي هو ۽ هن جو پُٽ مون کي ڪارو ڪري ماريندا." بهرصورت رانجهو مون وٽان وڪالت نامو ڪٽي ويو ۽ جڏهن موٽي آيو تہ چيائين تہ "وڏيءَ تڪليف سان هن کان آڱوٺو ونرايو اٿم." مون سمجهيو تہ آڱوٺي جو نشان ہٿي ڪنهن جو آهي، سو رانجهي کان اُن جي تصديق ڪرايم. مون وڪالت نامو نہ داخل ڪيو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ رانجهو سوپاري سان گڏ آيو ۽ چيائين تہ ڳوٺ ۾ هُلي ويو هو تہ منهنجي زال هڪ شَرَ سان لڳي وئي آهي ۽ وڏي واڪي چوندي ٿي وتي تہ منهنجو مڙس هڪ يارِ ۽ هڪ زال رکي سگهي ٿو ۽ مان مڙسُ ۽ هڪ يارُ چو نہ ٿي رکي سگهان. مون ہنهي کي گهر ۾ اعتراض جوڳيءَ حالت ۾ ڏٺو تہ ہنهي جا ڪُهاڙيءَ سان ڳپل لاهي وڌا! مون تي خون جي ايف. آءِ. آر لکائي وئي آهي، منهنجا گرفتاريءَ کان اڳ ضامن ڪرائي ڏي." مون هن کي چيو تہ "آهي تہ مشڪل، پر مان ڪوشش ڪريان ٿو." هن جي ضمانت جي درخواست رد ٿي. مون کيس صلاح ڏني تہ بيماريءَ جو سرٽيفڪيٽ ڪيڌاءِ، پر اُهو کيس نہ ملي سگهيو. جڏهن هو گرفتار ٿيو ۽ هن تي ڪيس هليو تہ مون هن کي صلاح ڏني تہ هو ڏوهہ باسي ۽ چئي تہ مون

خونَ غيرت جي ڪري ڪيا آهن. فوتي منهنجيءَ زال سان ڪارو هو. ڪورٽ ۾ سرڪاري شاهد ورتا تہ آڏيءَ پڇا ۾ ظاهر ٿي پيو تہ رانجهي جي زال وڳندي وتندي هئي تہ "جي منهنجو مُڙس يارِ ڪري ٿو سگهي تہ مان يارُ چو نہ ٿي ڪري سگهان!" رانجهي چيو تہ هن پنهنجي زال ۾ هن جي يار کي اعتراض جوڳيءَ حالت ۾ ڏٺو هو هو ڪو ياڙيو تہ نہ هو ۽ پنهي کي غيرت ۾ ڪهاڙيءَ سان ڳيا ڪر ڇڏيو هئائين. رانجهي کي ڏهہ سال ٽيپ ملي.

❊ ❊ ❊ ❊

ڏهرن جي ڳوٺ لڳ جاڙي خان ڏهر جي ٻہ سو ايڪڙ زمين جنهن جي پٽ تان جهنگ هو، اُتي هو تترن جو شڪار ڪرڻ ويندو هو. چاڙهاڪي جو شڪار ڪيس آسان لڳندو هو. هو ڳرڙ وَڏُ هو ۽ چاپئين ڏاڙهي وترائيندو هو تہ هن جي وَهي ڇُپي ويندي هئي ۽ هو اچا جوان لڳندو هو. اُتي هُن ڪمرو نهرايو هو. جنهن جي مٿان هن جو ڪوٺو هو. ڪوني تي سِرنهن ۽ نم جي وڻن جون شاخون ايترو جهڪي آيون هيون، جو ڇت وانگر لڳنديون هيون، ۽ پريان ڪوٺي تي نظر نہ پئجي سگهندي هئي. جڏهن شام جا پاچا گهاٽا ٿيا، تڏهن هُن گهر ڪان ٽورو پري گهوڙو روڪي، اُن جو لغام وڻ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ اُتان هو پير پير ۾ ڏئي جهنگ ۾ آيو. هن ٽارچ لائيٽ تي ٻہ جوڙا تترن جا ڏٺا، جي پرسان وڻ جي ٽارين تي ننڊ ۾ هئا. جن کي بندوق جي هڪ فائر سان ڪيرائي وڌائين. ٺڪاءَ تي پکي واهيرا ڇڏي اُڏاٽا ۽ فضا ۾ شور مچي ويو. پوءِ هو پنهنجي ڪمري ۾ آيو جو هن آرام لاءِ نهرايو هو ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ پنهنجي هاريءَ آسودي کي ڏنو هو جو پنهنجيءَ زال وسائيءَ سان اچي اُتي رهيو هو. هُن ڏٺو تہ ڪُنڊ ۾ وسائي چلهہ تي ويٺي هئي ۽ هن جو منهن مکڻ وانگر رجي ويو هو. هوءَ ڪانديُن ڪانِيُن تي ڪجهہ تري رهي هئي. جڏهن جاڙي خان پڇيس تہ "ڇا ٿي ترين." تڏهن هن چيس تہ "پوتار ڪرويليون ٿي تريان." ڪرويليون ڇيڙ جو قسم هو جو جهنگ ۾ ولين ۾ ٿيندو هو ۽ غريب هاري اُهي ٻہ اڏ ڪري، تري، مانيءَ سان شوق سان کائيندا هئا. هُن کيس وڏيڪ چيو تہ "ڪرويلين جون پنج ڇهہ وليون اسان جي گهر جي پرسان جهنگ ۾ آهن، جتان پٽي آئي آهيان." وسائيءَ جو منهن باهہ جي روشنيءَ تي ڏنگي سونَ وانگر ٿي لڳو. هن جي ڪراينُ مٿان عاج وانگر اڇيون ڪنگڻيون پيون هيون ۽ ڪنن ۾ چانديءَ جا پنڙا پيا هئا ۽ ڪارا وار

ڊرتيءَ تي لڙڪي رهيا هئا. جاڙو خان ونجي ويو ۽ هن تي چيٽڪ چڙهي ويو. عشقُ ڪکن ۾ باهہ جي چٽنگ وانگر ٽئي ٿو ۽ گھڙي نہ ٿي گذري تہ اُلا اُيرڻ لڳن ٿا. هن وسائيءَ کي چيو تہ هن کي ڏاڍي بُک لڳي آهي، ۽ تترن جا جوڙا ڏئي چيائينس تہ "اِهي چلي رڌ! ڪجھہ مون کي کاراءِ، ڪجھہ پاڻ کائو." جاڙي خان وسائيءَ کان پڇيو تہ "ڪڪڙ جي اَني جي ماني پچيائين ٿي يا جوئر جي اَني جي؟" وسائيءَ جواب ڏنو تہ "سائين، مون تہ چانورن جو اٽو ڳوهيو آهي. ڪڪڙ يا جوئر جو اٽو تہ گھر ۾ ڪونهي." جاڙي خان کيسي مان ٿيھہ رپيا ڪڍي، آسودي کي ڏنا ۽ چيو "ڪجھہ سيرَ ڪڪڙ جو ۽ ڪجھہ جوئر جو اَٽو ۽ مرچ مصالحا ڳوٺ مان وٺي آءُ!" جڏهن آسودو ٽيھہ رپيا وٺي ويو تہ وسائيءَ چيس تہ "اسين غريب ماڻهو آهيون، اسان ڪريلين سان چانورن جي ماني کائيندا آهيون، ڪريليون اڃي تريون آهن، ٿورو سوڪ ٿين تہ تتر چلي تي وڃان!" ٿوريءَ دير کان پوءِ اُتي تہ گرميءَ ۾ پگھر جي وئي هئي. جاڙي خان چيس تہ "هل تہ ڪوٺي تي ٿا هلون. اُتي وائڪ آهي، اُتي هلي تتر چلهہ _ تترن جا کنڀ پورا ۽ ڳاڙهہ سَرن داہن وارا هئا." ائين چئي، جاڙو خان ڏاڪڻ چڙهي ڪوٺي تي ويو. وسائي، حڪم جي ٻندي، تتر ۽ ڇُري کڻي هن جي پٺيان مٿي چڙهي وئي. مٿي ٿڌي هوا ٿي لڳي، پرسان گھاٽو جھنگ هو ۽ تيرهينءَ جي چانڊوڪي من کي وٽي رهي هئي. جاڙي خان بندوق رکي، وسائيءَ کي ڏٺو. هن جو منهن چانڊوڪيءَ ۾ تازي ماهي ڪير وانگر ٿي لڳو. هن کي ٻہ مهينا شادي ڪئي ٿيا هئا ۽ هوءَ اڃا سامائي مس هئي! هن جي ململ جي چولي مان جڻ ٻہ وڏيون ڪريليون نظر اچي رهيون هيون. هوءَ ڊرتيءَ تي تتر چلڻ ويٺي تہ جاڙي خان هن جي پٺ تان ويهي هن جي ڪڇن ۾ ٻئي ٻانهون وڌايون. جاڙي خان جي تن بدن ۾ ڪانڊيون ڪانيون ٻرڻ لڳيون. پوءِ تتر ۽ ڇري هن کان وٺي پٺ تي رکي ۽ هن کي ٻانهن ۾ کڻي واڻ جي کٽ تي ليٽيائين. پوءِ هن کان ڪنڌ تي چميون ورتائين تہ هُن چيو "منهنجو مڙس اٽو وٺي ايندو هوندو. تون مون وٽ ڏينهن جو اچجانءِ، جڏهن منهنجو مڙس هر ڪاهڻ ويندو آهي." هو ٻئي جلدي هيٺ لهي آيا. جڏهن آسودو آيو تہ جاڙي خان کي چيائين، "سائين، تترن لاءِ گِهہُ ٻہ ڪلال کان اوڌر تي وٺي آيو آهيان." وري هن جاڙي خان کان پڇيو تہ "سائين! اسان تتر تہ ڪڏهن نہ رڌا آهن. اُنهن کي ٻہ ڪُڪڙ وانگر ٻوٽيون

ڪري چاڙهيون!“ ”پلي!“ جاڙي خان جواب ڏنو اُن تي آسودي هن کي چيو تہ ”سائين اسان تتر هڪ چاڙهيون يا ٻہ؟“ ان تي جاڙي خان چيو تہ ”چارئي چاڙهيو اڄ ٻڪ ڏاڍي لڳي آهي.“ جاڙي خان ٻہ تتر ڪاڏا ۽ ٻيا هنن کي کائڻ لاءِ ڏنائين ۽ آسودي کي ڏھہ رپيا ڏئي چيائين تہ ”هي گھہ جا پئسا.“ آسودي کيس چيو تہ ”سائين، ان جي ڪھڙي ضرورت هئي. هي سيڪجھہ تہ اوهان ڏنو آهي.“ وڏيري کيس چيو تہ ”سُرخو گھوڙو ڪجھہ پنڌ تي بينو اٿي، اهو چوڙي آءِ!“ هو گھر کان ٻاهر ويو تہ جاڙي خان وسائيءَ جا اُرھہ نپوڙيا ۽ کيس چيائين تہ ”سياڻي سج چڙهڻ کان پھر پوءِ!“ جڏهن آسودو گھوڙو ڪاهي آيو جاڙي خان رڪاب ۾ پير وجهي، گھوڙي تي لانگ ورائي ۽ هن کي اڙي هٽي چانڊوڪيءَ ۾ اُڏامندو ويو. وسائيءَ جون اکيون ڪيترو پنڌ هن جي ڪڍ ڍُڪيون جيستائين هو اُنهن کان اوجهل ٿي ويو. هن کي ائين ٿي لڳو تہ جاڙو خان هن کي ڪنيي وچي رهيو هو ۽ هن دل ۾ سوچيو تہ ”يار ۾ ڪيڏي نہ چِڪ آهي! انب جي ماڪيءَ ۾ شايد ماڪيءَ جي مک کي ايتري هجي، تڏهن تہ رنون ڪهاڙيءَ جو موت مرڻ چاهينديون آهن!“

پوءِ وسائي ۽ آسودو اچي باقي تتر ۽ مانيءَ تي وينا. اُهڙو سوادي ڪاڏو هنن سڄي عمر نہ کاڌو هو. هنن فقط شاديءَ جي رات پاليل مرغيءَ جو ٻوڙ فقط هڪ پيرو زندگيءَ ۾ کاڌو هو. هو نہ تہ ڪرويلين، سرنهن جي سائي ۽ سُڪل ساڳ ۽ ڍوڍي تي هريل هوندا هئا. ٻئي ڏينهن سج چڙهئي، جاڙي خان سُرخي گھوڙي جو لغام وسائيءَ جي گھر کان ٿوري پنڌ تي ٻڌو. مُند تہ لڙي وئي هئي، پر اُس اڃا ڪائي رهي هئي. جاڙي خان ڪمري ۾ گهڙيو، وسائيءَ جو منهن هٿن ۾ وٺي، هن کان چپن ۽ ڳُتي کان ڳچيءَ تائين چمي ورتي. وسائيءَ کي ائين لڳو ڄڻ تتر کي ڪنهن تڪبير ڏني هئي. هوءَ ڇَهہ تي کٽ تي ليٽي پئي ۽ جاڙي خان جي ياڪر ۾ ڪافي وقت اکيون ٻوٽي پئي رهي. هن جي هٿن ۾ سُر سُر تي رهي هئي، اُهي هن وڌايا. ڪجھہ وقت کان پوءِ جاڙي خان هُن کي گھر جي خرچ لاءِ سَئو رپيا ڏنا ۽ پوءِ هن کان موڪلائي سُرخي گھوڙي تي ٽپ ٽپ ڪندو ويو. گھوڙي جا سنب ڄڻ هن جي هانو تي ڪري رهيا هئا. جاڙو خان ڏسڻو واسڻو وچينءَ وهيءَ وارو مڙس هو. چپن مٿان شهپر، چاپئين ڏاڙهي ۽ گھنڊي وار هئس، جن ۾ ڦٽي اُپي ڏنل هوندي هئي. هن جو رنگ گورو هو. وڏين اکين ۾ ساري رات سُرمي داڻي، پاٽيءَ ۾ پسائي، سرمو

پائيندو هو. هو بوسڪيءَ جي شلوار قميص ۽ پيرن ۾ ملتاني جُتي پائيندو هو.

آسودو گانگٹ مُڇُو هو ۽ ڳوٹ جي نائيءَ کان ٽڪي ۾ ڏاڙهي ڪوڙائيندو هو. هن جي گوڏ ۽ قميص ۾ ٻہ ٻہ چتيون لڳل هيون. جاڙي خان کي تجربي پيار جا اُهي گُر سيکاريا هئا، جو وسائي نري پئي. آسودو تہ ڪنهن ڏرڙ مان سُرٽي وانگر ويندو هو. جاڙي خان پنهنجي سُرخي گهوڙي وانگر ٽاپ ٽاپ تي ڪئي، ۽ ڪڏهن اُن جون واڳون ڇڪي تي ورتائين. هو سواريءَ جو مڙس ماڻهو هو. جاڙو خان ويو تہ وسائيءَ کي ننڍ جو جهوٽو اچي ويو. هن سپني ۾ ڏٺو تہ ڪوهہ ۾ سندس نٿ ڪري پئي آهي، جاڙو خان پرسان بيٺو ڪيس چئي ٿو تہ "مان پراڻو تويير آهيان، مان تو ٽُبي ڏئي نٿ ڪڍي اچان." هو جڏهن ڪوهہ مان نڪري ٿو تڏهن هٿين خالي آهي، ۽ چئيس ٿو تنهنجي تہ نٿ ڪوهہ ۾ گم ٿي وئي، اُها وري نہ لڀندي." اوچتو هوءَ ننڊ مان جاڳي اُٿي ۽ آسودي لاءِ ڪٽڪ جي اَٽي مان ڍڳڙ پچايائين ۽ ٻچيل ٽتر جو ٻوڙ بہ رڪيائين ۽ پنهنجي جوئر جي ڍوڍي سان سرنهن جو ساڳ پچايائين. ٻئي ڏينهن جڏهن جاڙي خان ساڳيءَ ريت گهوڙي تان لهي اُن کي ٻڌو ۽ وسائيءَ وٽ آيو ۽ وڏي اُن کي بہ مهٽا ڏنائين تہ چڙهن هن جو ساهہ ٿي نڪتو. هن بہ هٿ سوريا ۽ جاڙي خان سان پيار ڪيو. پوءِ چيائينس، "منهنجو مڙس جي اچي وڃي؟" جاڙي خان دونالي بندوق پري مٽي کان رڪي ۽ هڪ ناليءَ ۾ رُجهي ويو. ترت ئي جاڙو خان اُٿي ويو ۽ رڪاب ۾ پير وجهي گهوڙي تي لانگ ورايائين، دل ۾ سوچيائين تہ "چوري تہ قدرت منهنجي جهوليءَ ۾ وڌي آهي. مان بہ ڪيئي ڏٺيون، گلاب ۽ موتئي جا گُل، هالا جي جنڊيءَ جهڙا جهوٽا، سانوڻ جي مينهن جيان من موهٽيون، مورٽيون، پٽ ٽتريون، پوپٽڙيون، ڇا ڇا اُنهن جا رنگ روپ هئا! پر هن جي بدن ۾ ڪيري پلي جهڙو مزو آهي. جيئن ڪُنيءَ جو ٻوڙ ٽيندو آهي، گهوڙي جي هني وانگر سوڪي آهي، مون جڏهن بہ هن جون واڳون ورتيون آهن تڏهن مون کي تيز طوفان وانگر اُڏاري وئي آهي." ائين پندرهن ڏينهن گذري ويا. سُرها اُرهہ ڪاريون اکيون، پٽ جهڙو پيٽ! جاڙو خان بہ ماهي مکڻ تي هري ويو هو ۽ ڍاپي نہ ٿي ڍاپيو.

آسودي کي اوچتو بازار ۾ خبر پئي تہ هن جي زال گلدار ڇيٽ جي سٽڻ قميص وني وئي هئي. هن کي شڪ پيو سو وڏيري جاڙي خان جي اوطاق تي ويو. جاڙو اوطاق ۾ ۽ هن جو گهوڙو ٻاهران ٻڌل ڪونہ هو. ۽ هن گهوڙي جي

سنب جي ڦوٽ سجاتي، جو سندس گهر ڏانهن وڃي رهيو هو. هن کي ڪوڏر ڪلهي تي هئي ۽ تڪڙو تڪڙو گهر ڏانهن هليو جتي ڪجهہ پنڌ تي هن جاڙي خان جو سرخو گهوڙو سڃاتو. جاڙي خان ڪوٺيءَ کي اندران بلٽ ڏئي لٺا تي لاٿا، تہ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. جاڙو خان ۽ وسائي ٻئي ڇرڪي ويا. جاڙي خان بندوق سڌي ڪئي ۽ درجي اوٽ ۾ ٿي بيٺو ۽ وسائيءَ کي چيائين تہ دروازو کولي. آسودي گهڙڻ سان وسائيءَ کان پڇيو "وڏيرو اندر آهي؟" ايتري ۾ جاڙي خان هن تي بندوق جا ٻہ فائر ڪيا ۽ هُو چاڙهاڪي جي تتر وانگر ڦهڪو ڏئي ڪريو ۽ گهڙيءَ ۾ هن جي جندڙيءَ جي وٺ وسامي وئي. وسائي هن تي ڪري پئي ۽ روئڻ لڳي. هن جا لٺا رتورت ٿي ويا. ٻنهي هن جي لاش کي جهنگ ۾ گهلي ۽ ڪوڏر سان زمين کوٽي دفنائي ڇڏيو. پوءِ موٽي جاڙي خان جي چوڻ تي وسائيءَ لٺا بدلايا. ٻنهي آسودي جي ڪوڏر سان ڪچي فرش کي ڪرڙي اُن تان رت مٽائي ڇڏي. جاڙي خان هن کان گهري چمي ورتي، چڻ پورو ڪوهہ پي ويو. جاڙي خان پوءِ گهوڙي تي چڙهي وسائيءَ کي چيو "ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪجانءِ، مان سڀاڻي توکي حويليءَ ۾ نوڪرياڻي ڪري رکندس." وسائي روئي ويٺي ۽ هن جا ڳوڙها نہ ٿي سُڪا.

جهنگ ۾ ڪافي پنڌ تي ڪجهہ ڪانير بيٺا هئا، جي بندوق جي ٻن فائرن تي چوڪس ٿي ويا. پر هنن سمجهو تہ جاڙو خان شڪار لاءِ ويو هوندو. رات جو گدڙن مٽي کوٽي ۽ آسودي جو لاش کوٽي ظاهر ڪري ڇڏيو. هڪڙي ڪانير اُهو ڏسي، وڃي ٿاڻي تي ايف. آءِ. آر لکائي، هن اهو بہ لکايو تہ بندوق جي ٺڪاون کان پوءِ هُن جاڙي خان کي گهوڙي تي ويندي ڏٺو هو. پوليس وسائيءَ کي ٿاڻي تي وٺي وئي، ۽ داٻا دڙڪا ڏئي، هن کان شاهد جي حيثيت ۾ قلم 164 هيٺ بيان ڏياريائون. بيان ڏيندي هوءَ ڦسي پئي ۽ سچو سچ چئي ڏنائين. جاڙي خان کي جڏهن آسودي جي لاش ليڻ ۽ وسائيءَ جي 164 جي بيان جي خبر پئي، هن وٺي گهوڙو ڊوڙايو ۽ ڪينجوءَ ۾ ڌرن جي سردار ڄام عبدالرزاق خان جي اوطاق تي اچي لٿو. سردار صاحب اُتي ڪونہ هو پر هن جي نوڪر هن کي زور ڏنا ۽ بورچيءَ ڪُڪڙ جو ٻوڙ رڌيو. هو جاڙي خان کي اڳ ئي سڃاڻندا هئا. جاڙو خان مُڙس لاٽڪُ ۽ لاپرواهہ هو. منجهند جي ماني کائيندي، سوچيائين تہ ڪجهہ مهر ذات جا ماڻهو پارت مان سملنگ ڪري نديا ڦوٽا، ڪارا مرچ ۽ پَنَ ٻيڙيون اُٺن تي کڻي ڪينجوءَ مان لنگهندا هئا. هُن

سوچيو تہ اُنهن کان ڏگ پُڇي، سرحد ٽپي ويندس. اُتي پاڪستان جي پوليس پڇي نہ سگهندي. پر هن کي ڏاڍو تڪ هو ۽ ماني کائي لسيءَ جو گلاس پيئڻ کان پوءِ ٻه ٽي ڪلاڪ ويهي ڏوپهريءَ کان پوءِ هن کي موت جهڙي ننڊ اچي وئي. ايتري ۾ پوليس پيراڊوءَ کان پيرا کڻايا، جي اچي روڊ تي نڪتا. صوبيدار کي شڪ پيو تہ هُو سردار صاحب وٽ پناهہ وٺڻ ويو هوندو. صوبيدار جيپ ۾ رائيفل بردار پوليس وارا کنيا ۽ وڃي ڪينجوءَ پهتو. اليڪشن جو زمانو آهي، ڍهرن جا ڪيئي ووٽ آهن. سردار صاحب آهي تہ اُصول وارو ماڻهو پر ڪيئن چئجي؟ صوبيدار پيراڊوءَ کي بہ ڪينجوءَ وٺي ويو هو پر ٿاڻي تي هيڊڪانسٽيبل هو جنهن کي سردار جي اوطاق تي وڃڻ جي همت نہ ٿي. هن صوبيدار کي چيو تہ ”مان گرفتاريءَ جي وارنٽ جي رجسٽر ۾ داخلا رکان ٿو. اوهان پنهنجو ڪم ڪريو پر جي جاڙو خان بارڊر ٽپي ويو هوندو تہ؟

جاڙي خان ننڊ ۾ خوفناڪ خواب ڏٺو تہ آسودو زمين مان هٿ ٻاهر ڪڍي هن جِي گردن دٻائي رهيو هو. هن جي اک کلي تہ مٿان صوبيدار ڏٺائين. جڏهن هن کي هٿڪڙيون لڳيون، تڏهن هو نڌڪو آڏين ۾ ڏرٻل لڳو. صوبيدار هن کي خطرناڪ ماڻهو لڳو. هُن کي ٿاڻي تي ٽيٽڪ چاڙهيائون ۽ ڏنڊڪي ڪلهي هنيائون تہ مڙس جا حوصلا خطا ٿي ويا. جوابدار خون جي باس ڏني، پر عدالت ۾ چيائين تہ ”مون سر بچاءَ ۾ خون ڪيو آهي، جي مان آسودي کي نہ ماريان ها، تہ آسودو مون کي ماري وجهي ها.“ وسائيءَ بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي تہ ”جج صاحب، جي جاڙو خان آسودي کي بندوق هٿي نہ ماري ها تہ هو اسان ٻنهي کي ڪارو ڪري ماري وجهي ها.“ مٿان وري جج کي هٿ ٻڌي چيائين تہ ”منهنجو مڙس تہ نالي ۾ آسودو هو پر اسان جي گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪک بہ نہ هئا. ڪريليون ۽ چٽن جي دال ۽ سرنهن جوساڳ ڍوڍي سان کائي کائي ڪک ٿي پئي هيس. مون وٽ جاڙو خان جليبيون ۽ برفي، کجور جا آڏيا، ڏونگهي، مصري ۽ انب وغيره وٺي ايندو هو. اُنهن کي کائي مان مٺائيءَ جا دونا، ڪڪڙيون ۽ ٻي ٺابتي اُچلائي ڇڏيندي هُيس. ”مان ڪارنهن لاءِ معافي ٿي وٺان.“ جج مرڪڻو مڙس هو اندر جو ڪونئرو ۽ دردوند. وسائيءَ کي چيائين تہ ”مائي تون بہ تہ برفي جهڙي آهين، تولاءِ ڪوئي بہ جيل ڪاٽي ٿو سگهي.“ اُن وقت جنرل ضيا جو حدود آرڊيننس وجود ۾ نہ هو. جج جاڙي خان کي هن جي ۽ وسائيءَ جي بيان

تي ست سال ٽيپ ڏني. فريادي ۽ جوابدار ٻنهي ڏرين هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي، اجا اپيل جو فيصلو نہ ٿيو هو تہ وسائي منهنجي آفيس ۾ زار زار روئيندي آئي ۽ چيائين تہ "جاڙو خان جيل ۾ مري ويو. هن کي مُدي جو تپ ٿي پيو هو." پوءِ چيائين تہ "وڪيل صاحب! منهنجي تقدير ئي اهڙي هئي، مڙس بہ مري ويو يار بہ مري ويو. ٻئي مون تان ساهہ صدقي ڪندا هئا."

هن ڪيس جي حقيقت تہ مون رڪارڊ ۾ پڙهي هئي. اُن جي پڇاڙي مون پاڻ ائين ڪئي، ڇو جو منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪيترا اهڙا واقعا ائين ئي پُگا آهن.

❊ ❊ ❊ ❊

انهيءَ وچ ۾ جمال صديقي ڪراچي ڇڏي آيو ۽ پراڻي سکر ۾ اچي گهر ۽ آفيس ورتي هئائين. هن شيخ خورشيد کي پارٽنر ڪري ڪنيو هو جو اسان جي پاڙي واري عطا محمد جو هنجي انگريز زال مان پُٽ هو. اُنهن ٻنهي جي يعقوب نالي ائڊيشنل سيشن جج سان دوستي هوندي هئي، ٽئي جم خانا ڪلب جا ميمبر هئا. تن ڏينهن ۾ جم خانا ڪلب جو ميمبر ٿيڻ وڏو اعزاز هو. اُتي ميمبر سستي اگهہ تي فارين وسڪي پيئندا هئا ۽ ڪرسمس نائيٽ ملهائيندا هئا. اُن رات هو ڪاغذ جا ڏگها ٽوپ پائيندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي بهترين فل سوٽ ۾ هوندا هئا. اڌ رات جا ٻارنهن لڳندا هئا تہ "ميري ڪرسمس!" چئي، وسڪيءَ جا گلاس اُپا ڪندا هئا. ڪي انجنير بہ هوندا هئا. جي وسڪيءَ جي سڄي بوتل ميز تي رکي پيئندا بہ هئا ۽ پيارينداڀہ هئا. جي ڪو انگريز يا آمريڪي ساڻ هوندو هو تہ "وَن فار دي روڊ!" (One for the road) ٻڌي ويهي رهندو هو ۽ اهڙيءَ طرح هن کي ساڳيا لفظ چئي، ٽي چار ڀيرا ويهاريندا هئا. جڏهن هر بيزار ٿي پوندو هو تہ هنن کان زوريءَ ٻانهن ڇڏائي، "Thank you" بہ نہ چوندو هو ۽ ڪلب مان ٻاهر نڪري ويندو هو.* ڊپٽي ڪمشنر، ايس. پي، ائڊيشنل سيشن جج، انجنيئر، ڊي.ايف.او سپرنٽنڊنٽ جيل، سول سرجن وغيره ڪلب جا ميمبر هوندا هئا. جڏهن ڪوئي نئون ميمبر ٿيندو هو تہ ڪي پراڻا ميمبر پنهنجي ڳرائي ڏيکارڻ لاءِ اُن کي بليڪ بال (Black ball) ڪندا هئا تہ اُهو ميمبر نہ ٿي

* هتي بہ وڪالت جون ساروڻيون لکندي، اياز کان ورجاءُ ٿيو آهي، پر ڪي ڳالهيون نيون آهن ۽ انداز دلچسپ آهي (ت.ج)

سگهندو هو. پهريون تہ وڪيلن ڪي ميمبر ڪري ڪٽنڊائي نہ هئا، پر جڏهن فيرُوز نانا سڪر جو سيشن جج ٿي آيو تڏهن هن چيو تہ مون ڪي هاءِ ڪورٽ تي اچڻ لاءِ سڄي عمر لڳي ويندي، پر هڪ نوجوان وڪيل سڌو هاءِ ڪورٽ ڪچي تي سگهيو سو اوهين وڪيلن لاءِ ڪلب جي ميمبر شپ کوليو! ڪڏهن ڪڏهن ڪا عورت ڪلب ۾ ايندي هئي تہ سڀ جون اکيون اُن ۾ هونديون هيون. سيني کان دلچسپ ميمبر شيخ عباس هو جو شايد ڪنڊڪوٽ ۾ ننڍو انجنير هو. هڪ پيري هو پنهنجي ايس. ايءَ ۾ ڪجهہ بين آفيسرن سان رمي کيڏي رهيو هو. جڏهن ايس. ايءَ رميءَ ۾ راند کٽي ۽ نوٽ پاڻ ڏي رهڙيا، تڏهن عباس کي اُردوءَ ۾ مرڪي چيائين ”اج تنهنجي اهڙي حجامت ڪندس، جو توکان رمي وسري ويندي“ عباس ڪيس جواب ڏنو تہ ”رمي وسري تہ پلي وسري، پر تو جهڙو بيو حجام مون کي ڪٿي ملندو!“ ايس. ايءَ کي ڪاوڙ لڳي تہ هن جو زبردست ائين هن کي مُنهن ۾ وهائي ٿو ڪڍي! سو بئي ڏينهن تي ٽرانسفر ڪري هن کي خراب پوسٽنگ ڏيئي ڇڏيائين!

مان گهٽو ڪري ڪائونٽر تي پيئندو هوس. وسڪي يا جِن مون کي زندگيءَ مان فرار ڏيندا هئا. مون کي وڪالت جو پيشو ۽ ڪورٽ جو ماحول پسند نہ هو. مون آفريڪا جي شڪار جي باري ۾ هڪ ڪتاب جمخانا جي لائبريريءَ مان وٺي پڙهيو هو جنهن ۾ ڊيڪاريل هو تہ ڪيئن هڪ هاٿيءَ کي نيزن سان ماري آفريڪا جي ڪنهن شهر، غالباً ڪانگو جي ٻهراڙيءَ جا رهواسي، اُن جو سارو گوشت ڳٽي، تغاريون پري، گهر کڻي ويندا هئا، ۽ فقط هڏا ۽ گوشت ڇڏي ويندا هئا. پوءِ اُن تي بگهڙ ۽ هاتار اچي مڙندا هئا، ڪجهہ ڳجهون بہ وٽن تان لهي ايندڍيون هيون. جڏهن اُهي سڀ پنهنجو پنهنجو حصو کٽندا هئا، تہ ماڪوڙا اچي مڙندا هئا، جيستائين رڳو هڏا وڃي رهندا هئا. ڪورٽ ۾ بہ ڪنهن ڪيس ۾ جيڪو ڦاسي ويندو هو تہ هن سان جج، وڪيل وڙا، منشي مڙا، ڪلارڪ ڪڙا بہ ساڳي تعدي ڪندا هئا. جي هن کي هاٿيءَ جيترو گوشت نہ هوندو هو تہ هن تي ڪن لاتار ڪندا هئا. اڪثر غريب، جن کي بصر سان ماني بہ مس نصيب ٿيندي هئي، ڇتيون ڇتيون گوڏيون پائي، ابي ڏاڏي جي ورثي ۾ آيل ٽي چار ايڪڙ زمين وڪڻي، پنهنجي لاءِ فوجداري ڪيسن ۾ خرچ ڪندا هئا. اُهي، ڇِڇ، اَپي پاوَ ۽ اَڪن تي پارو هوندا هئا. پر مردار خور تہ مُئيءَ ٻڪريءَ مان بہ نہ مُڙندا آهن! خدا

چاٽي تہ اُهي غريب پٽي سٽي، ڪيٽِن پورت ڪندا هئا. ڏيءَ، پيڻ وڪٽي، ٻني ٻارو وڪٽي، اُس ۾ تغاريون کٽي ۽ ٽيڪر هَٽي ۽ پٽرڪُٽي، ڏامر رجائي، رپيو رپيو ڪنو ڪندا هئا!

مان اڪثر پيئندي سوچيندو هوس تہ "ياخدا! تو مون کي سمڪ ۽ سمجهہ ڇو نہ ڏني تہ مان ڊاڪٽر ٿيان ها يا پروفيسر ٿيان ها!" پوءِ خمار ۾ يادگيريون وڳر ڪري ورنديون هيون ۽ من ۾ ائين ايندڀون هيون، جيئن ڪونجون ڪيٽيءَ تي لهنديون آهن.

هڪ ڀيري مان ڪائونٽر تي ويٺو هوس تہ موسيٰ بامجيءَ جي گواني يارِ "روز" ياد اچي رهي هئي. مان ۽ فيڊرل سيڪريٽري مسرت حسين جو ڀاڻيو عمر عابد زبيري ۽ موسيٰ بامجي ۽ روز ڪراچيءَ جي ڪافي هائوس ۾ گڏيا هئاسين. پُورڙي "روز" جيڪا هونءَ تہ ڪٽڪ وني هئي، پر شايد ڪنهن ڪونڪني عورت کي ڪنهن پورچوگيز خلاصيءَ مان ڄائي هئي، ڇو تہ هن جو رنگ اڇاڻ ڏانهن مائل هو. هن جو منهن چنڊ وانگر موڪرو هو هن جا گهاٽا وار هئا، نڪ ۾ هيري جو ڪوڪو ۽ ڳچيءَ ۾ اميٽيشن نيرو هار پيل هوس، جو موسيٰ بامجيءَ، جوهانسبرگ (سائوٿ آفريڪا) مان هن لاءِ آندو هو. هو اُتان جي ڪارلٽن سينٽر، هائيڊ پارڪ ۽ پريٽوريا اسٽريٽ جو باربار ذڪر ڪندو هو. منهنجو آغوش روز جي ماسيري بدن لاءِ آتو هوندو هو.

موسيٰ بامجي ڪراچيءَ هڪ ڀيرو اڳي بہ آيل هو ڇو آيو هو ڇا لاءِ آيو هو اها ڪنهن کي خبر نہ هئي. هن جي ڪافي هائوس ۾ عمر عابد سان ملاقات ٿي هئي، جنهن کي هن وانگر ئي انقلاب جي لغار لڳل هئي. موسيٰ بامجي ٽراٽسڪائيٽ هو ۽ هن مون کي ٽراٽسڪيءَ جا سارا ڪتاب، دائمي انقلاب (Permanent revolution) سوڌا، ڏنا هئا ۽ چيو هئائين تہ "اسٽالن انقلاب جو وڏو غدار هو ۽ لينن جي وصيت ڦاڙي ڦٽي ڪئي هئائين، جنهن ۾ لينن هدايت ڪئي هئي تہ هن کانپوءِ ٽراٽسڪيءَ کي سربراهہ ڪيو وڃي." هُن کي اُميد هئي تہ ٽراٽسڪائيٽَ ٿوري وقت ۾ روس ۽ يورپ ۾ ڇانئجي ويندا.

۽ هوءَ ورهاڱي کان اڳ گُوا ۾ ڊوناپاولا جي ڪنهن هوٽل ۾ ويٽرس هئي، جتي هن کي پورچوگيز دوست هوندا هئا. جي ڪيس پورچوگيز شراب "فيني"، جو نيرن ۽ ڪيشو نٽس مان ٺاهيو ويندو هو 3 ۽ 4 بجي رات تائين پياريندا هئا، ۽ تريل پامفريٽ مڇيون کارائيندا هئا ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي هوٽل

جي ڪمري ۾ وٺي ويندا هئا ۽ صبح تائين سُتا پيا هوندا هئا. اٿين بہ نہ هو تہ هوءَ هر پورچوگيز سان رات ڪاٽيندي هئي. جي روز کي ڪنهن جو سياءُ ۽ سونهن وڻندي هئي تہ خوشيءَ سان هن سان گڏ ويندي هئي، نہ تہ انڪار ڪري ڇڏيندي هئي. هن دولت لاءِ ڪڏهن بہ جسم فروشي نہ ڪئي هئي.

ڊوناپاولا اُتي سمنڊ جو هڪ خوبصورت ساحل آهي، جو گوا جي گادي پڻجيءَ جي اولاهين پاسي جي ڇيڙي تي آهي (جتي آءُ ڪيئي سال پوءِ ويو بہ هوس.) هوءَ چوندي هئي تہ ”گُوا جهڙو شهر ساريءَ دنيا ۾ نہ هوندو. اُتي بي اوني، بي اُلڪي حياتي گذاريندا هئاسين.“ جڏهن هوءَ ان کان اڳ ڪراچيءَ آئي هئي، تڏهن ڀارت گُوا تي يلغار ڪئي هئي ۽ پورچوگيز مُلڪ ڇڏي ڀڄي ويا هئا، ۽ هِتي ڪراچيءَ ۾ ئي هِن جي موسيٰ بامجيءَ سان ملاقات ٿي. مان ڀانيان ٿو تہ موسيٰ هيرا سمگل ڪري پيسو ڀاڻيءَ وانگر خرچيندو هو. هن روز کي ڪيئي دلڪش فراڪ، بوٽ، نائلان جا جوراب ۽ رنگين اسڪارف وٺي ڏنا هئا. ميز تي جيترا بہ دوست ويٺا هوندا، اُنهن جو بل موسيٰ ڀريندو هو. موسيٰ هڪ سانورو سلوڻو جوان هو جنهن جي اکين ۾ سامريءَ جو جادو هو ۽ روز هن تان گهورَ ويندي هئي. موسيٰ بامجي خاص ڪري ڪنهن جاءِ جو ذڪر ڪندو هو جنهن جو نالو هُو Organic Village ڪري وٺندو هو جتي سندس چواڻيءَ ”هر شيءِ ملندي هئي، آفريڪن باتيڪ (Batik) ۽ سبزين کان وٺي جواهرات تائين، هر شيءِ!“ سائوٿ آفريڪا جي ڪيپ ٽائون ۽ ڊَربن سان هن جو عشق هو. ڪراچيءَ ۾ عمر عابد هُن جي روز سان ڪافي هائوس ۾ واقفيت ڪرائي هئي، جا پوءِ موسيٰ بامجيءَ سان نهي وئي هئي. روز جيئن مون چيو مون کي ڏاڍي وڻندي هئي.

پوءِ موسيٰ بامجي اوچتو ڪراچي اٿين ڇڏي ويو جو وري نہ موٽيو. شايد هو جوهانسبرگ موٽي ويو هو ۽ اُتي روڊ ائڪسيڊنٽ ۾ مري ويو. اِهي بہ شڪ هئا تہ هو سي. آءِ. اي جو ايجنٽ هو ۽ پاڪستان ۾ ڪميونسٽ تحريڪ تي جاسوسيءَ لاءِ ۽ اُن ۾ ڏُڦيڙ وجهڻ لاءِ آيو هو. عمر عابد يا ٻئي ڪنهن کي بہ هن جي ائڊريس ڪانہ هئي. جڏهن روز کي خاطري ٿي تہ موسيٰ هن سان فريب ڪيو آهي، تڏهن هن ڪافي هائوس ۾ مون کي چيو تہ ”سياڻي ڪافي منهنجي گهر پيئجانءِ.“ مان هُن، موسيٰ ۽ عمر عابد سان دير تائين ڳالهيون ڪندو هوس. موسيٰ بامجيءَ کي اهو سوادءَ هو تہ برصغير ۾

ٽراٽسڪيءَ جو مارڪسزم ڪٺن ڦهلائجي، جتي (اسٽاليني) ڪميونسٽ پارٽي ايتري مضبوط هئي، البت سلون ۾ ڪجهہ ٽراٽسڪائيٽ هئا، جن سان ملي، هو مايوس بہ ٿيو هو.

موسيٰ بامجي بہ ڏينهن ڪافي هائوس ۾ نہ آيو تہ روز پريشان ٿيڻ لڳي. موسيٰ جي هڪ دوست مان پتو پيو تہ بہ ڏينهن اڳ هو رات واريءَ فلائيٽ ۾ سائوٿ آفريڪا هليو ويو هو. غالباً اُتي هن جو ڪنهن ڇوڪريءَ سان عشق هو جو هو روز کي نہ ٻڌائيندو هو پر اسان کي اشارتاً چوندو هو. هو ڪيئن آيو ڪيڏانهن ويو خاطريءَ سان ڪو چئي نہ ٿي سگهيو.

مان شام جو روز جي فلئٽ تي پهتس ۽ پاڻ سان ڪيسي ۾ وسڪيءَ جو "آڌيو" کڻي ويس. هوءَ انڪليسيريا هاسپيٽل جي ويجهو رهندي هئي. هن منهنجي سامهون ڪيڪ بہ رکيو ۽ ڪافي بہ. جڏهن اسان ڪافي پيتي، تڏهن هوءَ منهنجي ڪُلهي تي ڳاٽ رکي، ڊڪرا ڏئي روئڻ لڳي. مون هن کي شيڪسپيئر جي ڊراما "ڳالهہ مان ڳالهوڙو" (Much ado about nothing) مان ڪجهہ سٽون ٻڌايون. Sigh no more ladies, sigh no more! Men were deceiversever (تڏا ساهہ نہ پريو خاتو نئو! تڏا ساهہ نہ پريو! مرد هميشہ کان فريبي آهن). هوءَ چوڻ لڳي تہ "مون کي موسيٰ مان اها توقع نہ هئي." مون کي امريڪن ناول نويس، ڊراما نگار، شاعره جرٽروڊ اسٽين جا لفظ ياد آيا، جي هن کي چئي ٻڌايم:

"Rose is a rose, is a rose." روز روز آهي، روز آهي!"

(گلاب گلاب آهي، گلاب آهي.) هن کي مون چيو "موسيٰ ڪنهن وٽ ائڊريس نہ ڇڏي ويو آهي. تنهنجي ڀلائڻ لاءِ مون ڪجهہ وسڪي آندي آهي." هن فرج مان پنج ڇهہ شامي ڪباب ڪڍي ٽريا ۾ هڪ ڪباب ڪائي، وسڪيءَ جو ڏيڍ پيگ ڪچو پي وئي.

پوءِ وري منهنجي ڪُلهي تي ڳاٽ رکي چيائين، "تون نہ ٿو ڄاڻين تہ مون کي موسيٰ سان ڪيتري محبت هئي!" پوءِ وري منهنجي ڪلهي تي ڳاٽ رکي سڏڪا ڀرڻ لڳي. مون هُن جو منهن پاڻ ڏانهن ورائي، چپن تي گهري چُمي ڏني. هن جون اکيون ٻوٽجي ويون، وسڪي پنهنجو اثر ڏيکاري رهي هئي. "بي وفا! مون کي ٻڌائين تہ ها تہ مان توسان گڏجي هلان ها!" هن پٽڪيو. پوءِ هن پنهنجو مٿو منهنجيءَ ڇاتيءَ تي رکي ڇڏيو. "روز"، مون

سرگوشي ڪئي، ”روز ڪجھ ڏيرج ڏارا!“ پوءِ هن کي ٻي گهري چمي ڏني، ۽ هڪ شامي ڪباب، ٻن گلاسن ۾ هڪ هڪ پيگ پريم ۽ سگريٽ دکائي هن کي ڏنم. هن گلاس ۾ ٿورو پاڻي وڌو ۽ هڪ ڍُڪ سان پي ويو. ”اوهان مرد سڀ بي وفا آهيو!“ هن مدهوش ٿي چيو. ”تون بہ مون کي ائين ڇڏي ويندين، جيئن موسيٰ ڇڏي ويو.“ مان خاموش رهيس. هن کي ڏاڍي بُک لڳي هئي. هُن تازي ڊبل روٽيءَ جي هڪ سلائيس سان بہ شامي ڪباب کاڌا. پوءِ هڪ سلائيس مون کي ڏنائين. پوءِ منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چيائين، ”مون سان واعدو ڪر تہ تون مون کي نہ ڇڏيندين.“ مون جواب ڏنو تہ ”مان توسان اهو واعدو ڪريان ٿو تہ توکي بنا اطلاع جي نہ ڇڏيندس.“ مون کي مغربي فيلسوف اسپنوزا جي هڪ چوٽي ياد آئي: Nature abhors vacuum پوءِ مون باقي وسڪي ٻن گلاسن ۾ وجهي، هر گلاس ۾ ٿورو پاڻي وڌو. هن جون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ پيون، تہ هن مون کي چيو تہ ”باقي وسڪي مون کي تون پيئار.“ مون گلاس هن جي چپن تي رکيو تہ هن کي منهنجيءَ ڇاتيءَ تي ننڊ اچي وئي. منهنجيءَ وسڪيءَ جو گلاس هن جي ٽپائيءَ تي رکيو رهيو. باقي رات مون هن جي فليٽ تي گذاري. هوءَ موسيٰ ٻامجيءَ کي وساري چُڪي هئي. ٻي ڏينهن هوءَ شام جو مون سان ڪافي هائوس ۾ ملي، مون ڇاٽي واٽي عمر عابد ۽ ٻين کان موسيٰ ٻامجيءَ لاءِ پُڇيو پر هنن وڏيڪ ڇاڻ ڏيڻ يا ميڄڻ کان نابري واري، اُن ڏينهن هن چيو ”اڄ تون منهنجو مهمان آهين. پوءِ هن ڪئفيٽيريا تان اسڪاچ وسڪيءَ جي پوري بوتل، چار چڪن ٽڪا ۽ بہ نان ورتا. ايئن اتڪل مهينو گذريو. مون هن کي چيو تہ ”اڄ شام جو مان ڪافي هائوس نہ ايندس. اڄ منهنجي ٻئي هنڌ ماني آهي.... گڊباءِ“ هن هڪ ترش لهجي ۾ چيو ”اطلاع لاءِ شُڪريو.“ تجربو وڏو اُستاد آهي، پر ان کان تعليم لاءِ ڳري في ادا ڪرڻي ٿي پوي!“ هاڻي روز قفس مان آزاد ٿي چُڪي آهي، هوءَ هڪ آزاد پرندو آهي، جنهن تاريءَ تي چاهي، تنهن تي ويهي.

ڪائونٽر تي ويٺي ويٺي، مان پنهنجي يادگيريءَ ۾ گم هوس تہ مرحوم سڪندر پُٽي جو آواز ٻُڌي، ڇرڪ ڀريم. هن چيو ٿي تہ ”ڇا ٿو ياد ڪرين؟“ هو بہ ايتريءَ محويت ۾ هو جو مون هن کان ساڳيو سوال پڇڻ چاهيو! ٻارنهن لڳا ۽ ڪلب جو آبدار گهيرٽ ڪائي رهيو هو.

❊ ❊ ❊ ❊

ڪراچيءَ جي يادگيري آئي، تہ مون کي خالد اسحاق جي هڪ يادگيري آئي، تہ هڪ ڀيري هُن چيو تہ "منهنجو رشتي دار آغا اعجاز هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ درخواست هلائڻ آيو آهي. اُها ڪافي دلچسپ آهي، اُها ٻڌي اچ. هن مون کي ڊرائيور سوڊي پنهنجي مرڪيوري ڪار ڏني، جا اُن زماني ۾ بہ سترهين لکين ملندي هئي. آغا اعجاز هڪ عورت مريم پاران رويزن پٽيشن وڌي هئي، جنهن سان شامل قسم نامي ۾ اُن عورت چيو هو "مان جيئري آهيان ۽ حيدرآباد ضلعي ۾ وڏيري زوراور خان جي ڪوٽ ۾ بند هيس ۽ اُتان ڀڄي آئي آهيان. منهنجي يار حمزي جتوئيءَ ۽ هن جي مائٽن تي منهنجي پيءُ فرياد وڌي هئي تہ اُنهن مون کي خون ڪري، منهنجو ۽ منهنجي ٻئي يار جا لاش درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيا آهن. پوليس واردات جو ڪوڙو مشير نامو ناهيو ۽ شايد ڪنهن ڇيلي يا ٻئي ڪنهن جانور جو رت کهاڙين تي لائي، کهاڙيون جوابدارن جي ڪڍ لاتيون هئائون ۽ ڪوڙا مشير ناما ناهيا هئائون تہ جوابدارن کهاڙيون ديويءَ جي ٻوٽن مان ڪڍي ڏنيون هيون. پوليس اکين ڏٺا شاهد بہ ڪوڙا بيهاريا. ان کان اڳ منهنجا مائٽ مون کي وڏيري زوراور خان وٽ ڇڏي ويا هئا، جنهن مون کي پنهنجي ڪوٽ ۾ بند رکيو هو. وڏيري جي نگاهہ مون تي پئي تہ هن جي مُڇ ڦڙڪي اُٿي. اڌ رات جو وڏيري منهنجيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ اچي کڙڪاءُ ڪيو. کڙڪ موالي هو ۽ راڳڙا ڳائيندو آيو ۽ چيائين تہ اڄ اهڙو ليپ لائي آيو آهيان، جو ساري عمر ياد ڪندينءَ تہ ڪنهن مُڙس سان ڪم پيو هو. پوءِ مون کي گهوگهو ڏئي چيائين تہ "هتي رڙ ڪوبہ نہ ٻڌنديءِ، ٻُڌين ٿي؟ متان گِهل ڪرين؟"

"پوءِ منهنجو گهگهو وچ تان ڦاڙي بہ اَڌ ڪري ڇڏيائين، ۽ مون سان زوريءَ زنا ڪيائين. هن مون کي ٻڌايو هو تہ طِلا جا ڪُشتا کائيندو هو ۽ تر ۾ هن جهڙو جوان ڪونہ هو. مون کي هن مان هڪ ٻار بہ ٿيو انهيءَ وچ ۾ سيشن ڪورٽ منهنجي يار حمزي ۽ هن جي مائٽن کي سزا ڏئي ڇڏي، پوءِ مون کي وڏيري ٻڌايو تہ "جوابدارن جي اپيل بہ هاءِ ڪورٽ رد ڪري ڇڏي آهي!"

"هڪ ڀيري چوڪيدار کي ڪوٽ جي در وٽ گهري ننڊ اچي وئي هُئي، ان ڏينهن شايد هن ڀنگ پيتي هئي، جا مون هن کي ڪونڊيءَ ۾ گهوٽيندي ڏٺي هئي. ڀير ڀير ۾ پائي، مان هن جي پرسان ويس ۽ ڪيسي مان چاٻيون ڪڍي ورتم. وڏيرو مون کي خرچ لاءِ پيسا ڏيندو هو جن مان مون بہ

سو رپيا بچايا هئا. آهستي آهستي مون در جو ڪلف کوليو ۽ رات جي انڌيري ۾ وٺي ڀڳيس. رستي تي مون هڪ بگي جوابدارن جي ڳوٺ لاءِ ڀاڙي ڪئي. مان ڀانيان ٿي تہ بگيءَ واري کي من ۾ اڳيئي چور هو يا چوڏاري سُڃ ڏسي هن بگي روڪي، ۽ مون کي ٻانهن کان ڇڪي، بگيءَ تان هيٺ لاٿائين، ۽ لئي جي پنيان دسي، پنهنجو منهن ڪارو ڪيائين. هو سُونڊ مُنهون سوئر هو مون دانهن ڪُوڪ نہ ڪئي، ڇو تہ مون کي پڪو ٿيو تہ هي بہ نہ ڪٿي وڃيري وانگر منهنجو گهگهو ڦاڙي ڇڏي! مون مان رَجُ ڪري، اُٺي پنهنجيءَ شلوار جو اڳٺ ٻڌائين ۽ منهنجي ڪنن مان ست ڏئي مُرڪيون لاٿائين تہ منهنجو رت نڪري آيو ۽ پوءِ گاڏيءَ تي چڙهي پنتي موٽي ويو.

"مون دهي تي ڪجهہ ڏڳ سڃاتو جنهن تي اڳي مان ڪيئي ڀيرا بيل گاڏيءَ تي حيدرآباد وئي هيس. مون کي حمزي جي سوٽ مان خبر پئي تہ هن جي ڦاسيءَ جي تاريخ مقرر ڪئي ويئي آهي. هو ڏاند ڊوڙائيندو مون کي بيل گاڏيءَ تي وڪيل صاحب وَٽ وٺي آيو جنهن هيءَ پٽيشن داخل ڪئي."

پٽيشن پڙهي ڪورٽ ڦاسي روڪي ڇڏي ۽ سپرنٽنڊنٽ حيدرآباد جيل کي اهڙيءَ تار جو آرڊر ڪيو. هن پوءِ شنوائيءَ جي تاريخ رکي ۽ ٻيءَ تاريخ تي فريادي‌ءَ ۽ جوابدارن کي ڪورٽ ۾ گهرايو. آغا حسن علي ۽ جسٽس ڪانسٽنٽائين بينچ تي هئا. آغا حسن عليءَ چيو تہ مريم کي سڏيو وڃي، ۽ فريادي‌ءَ کي ڪڙاڪي دار آواز ۾، مريم ڏانهن اشارو ڪري، چيائين، "هيءَ تنهنجي ڌيءَ مريم آهي، هن کي سڃاڻين ٿو؟ ڪوڙ ڳالهائيندين تہ هاٿي جو هاٿي هتڪڙيون هڻائيندو سانءِ." فريادي، جو ٻهراڙيءَ جو سادڙو هاري هو، ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو ۽ هٿ ٻڌي جج صاحب کي چيائين، "هائو سائين اِها منهنجي ڌيءَ مريم آهي." ججن جوابدارن کي ڇڏي ڏنو ۽ آرڊر ۾ لکايو تہ "جي مريم چاهي تہ زورآور خان تي زوريءَ زنا جي فرياد لڪائي سگهي ٿي." جسٽس حسن عليءَ مُرڪندي مريم کي چيو "مائي، ڪاري تہ تون بہ هئينءَ؟"

ان تي مريم جواب ڏنو تہ "صاحب، مون کي جي کهاڙي هجي ها تہ مڙس کي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيان ها."

ان تي آغا صاحب زباني پڇيس تہ "ڇو؟ آخر هن ڇا ڪيو هو؟" جواب ڏنائين تہ "گهر ۾ ڪٽ هڪ هئي، اُن تي پاڻ بہ سمهندو هو ۽ مون کي ۽

منهنجي نئين ساماٽل پيٽ کي هٿ وجهندو هو. هڪ ڀيري منهنجي پيٽ کي ڇڪ آئي تہ رڙ ڪيائين ۽ ڪٿ تان لهي، اُٺي ڏرتيءَ تي سمهي پئي. مون مُڙس کي ڏِڪو ڏئي چيو بي حياءَ ڦرمر ساق! توکي شرم نہ ٿو اچي؟“ ٻئي ڏينهن مان چاڏي لسيءَ جي ۽ مکڻ ۽ ڍوڍو ٻنيءَ ۾ مڙس ڏانهن کڻي تي ويس تہ رستي تي منهنجي نظر حمزي تي پئي، هن کي موڪري ڇاتي هئي ۽ ڳچيءَ ۾ چانديءَ جو تعويذ پيو هو. هو کوهہ جي ڳاڏيءَ تي ويٺي، ڏاند وهائي رهيو هو. هُن کي ڏسڻ سان منهنجي هن ڏانهن دل ڇڪجي وئي. مان ڳاڏيءَ ڏانهن قدم وڌايو تہ هن مون کي ڇڪي چپ چپن سان ملايا. جي بصريءَ جي پوپ کان مٺا هئا.“ مريم جج صاحب سان بي جهجهڪ ڳالهائڻ لڳي. ”حمزو جتوئي هو ۽ اسان لاڙڪ، هن کوهہ کي ٻن پاسن کان لوڙهو ڏئي ڇڏيو هو جتي ڪڏهن ڪڏهن مون سان دل وندرائيندو هو. منهنجي مڙس کي کُڙڪ پئي تہ صلاح ڪيائون. ڳوٺ ۾ سڀ گهر جتوئين جا هئا ۽ ٻہ گهر لاڙڪن جا هئا. جي اسان ڪنهن جتوئيءَ کي مارينداسين تہ جتوئي اسان کي جڙ ٻچي نہ ڇڏيندا. پوءِ مون کي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو بهانو ڪري حيدرآباد وٺي آيا ۽ وڏيري جي ڪوٽ ۾ ناحق بند ڪيائون، هڪ مڙس در تي ڪهاڙي کڻي پهرو ڏيندو هو. وڏيري منهنجي پيءُ کي صلاح ڏني تہ ٿاڻي تي ڳجهہ ڳوهہ ۾ فرياد لکائي اچي ۽ پنهنجي ڪمدار کي هزار رپيا ڏئي چيائين تہ ”هي صوبيدار کي ڏجان!“ صوبيدار ڪنهن جاچ ۾ ويل هو ڪمدار هيڊڪنسٽبل کي ٻہ سئو رپيا ڏنا ۽ چيائينس تہ ”هنن جي فرياد لِک، پر جيستائين صوبيدار اچي تہ ڪنهن کي سڌ نہ پئي؟“ پوءِ هو موٽي ڳوٺ ويا ۽ لٽا ڪپڙا، ٿانو ٿپا هنڌ بسترا بيل گاڏي ۾ رکي، ڪوٽڙيءَ لڏي آيا. جتوئين شايد سمجهيو تہ رَن آهي وات واڪاري، ڪٿي ممڻ نہ مچائي وجهي، انڪري لڏي ٿا وڃن. ٻئي ڏينهن ٻہ سَو پيا ٻہ ڏئي، ڪمدار کي صوبيدار ڏانهن موڪليائون ۽ چوائي موڪليائونس تہ ”ثابتي اهڙي ناهہ، جو هاءِ ڪورٽ تائين نہ ڇُٽن.“ ٻئي ڏينهن صوبيدار حمزي ۽ هن جي پنجن مائٽن کي گرفتار ڪري جوابدارن جي ڪڍ رت لڳل ڪهاڙيون لاتيون. هڪ جوابدار کي مارڪُٽ ڪري، هن کان مختيارڪار وٽ باس ڏياري، تہ ”مريم پهرين حمزي جتوئيءَ سان ياري رکي، ۽ ڪجهہ وقت پوءِ ٻئي جتوئيءَ سان ياري رکي. هن جي پهرئين يار حمزي تيش ۾ اچي مريم ۽ هن جي ٻئي يار کي ماري وڌو ۽ ٻئي

لاش درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيائون!“

”اها سڄي ڳالهہ مون کي وڏيري زوراور خان ٻڌائي هئي، جڏهن هن کي خاطري ٿي وئي تہ مان هن سان لڳي وئي آهيان.“ پوءِ مريم هٿ ٻڌي آغا حسن عليءَ کي چيو تہ ”جي منهنجو مُڙس بي حياءُ هو تہ مان بي حياءُ ڇو نہ ٿي سگهان ٿي؟“

آغا حسن علي، ڪاڏيءَ هيٺان هٿ رکي، مريم کي خاموشيءَ سان ٻُڌندو رهيو.

❊ ❊ ❊ ❊

اهڙي هڪ ڪيس جي باري ۾ مون کي پير غلام حيدر، ائڊيشنل سيشن جج بہ ٻڌايو هو. هڪ رات مان پير صاحب جي چيمبر ۾ ويٺو هوس ۽ جرم ۽ سزا جي مسئلي تي ڳالهائي رهيو هوس. هن مون کي ٻڌايو تہ هو ڪنهن بہ ملزم کي ڦاسيءَ جي سزا نہ ڏيندو آهي.

”ڪنهن کي بہ نہ؟ پوءِ هن ڪيڏيءَ بہ بيدرديءَ سان قتل ڪيو هجي.؟“ مون پڇيو.

هن چيو تہ ”ڪيئن بہ قتل ڪيو هجائين، مان هن کي وڌ ۾ وڌ جنم ٽيپ ڏيندو آهيان.“

”ڇو؟“ مون پڇيو.

هن جواب ڏنو ”جڏهن مان نواب شاهہ ۾ ائڊيشنل سيشن جج هوس، تڏهن مون وٽ هڪ ڪيس هليو جنهن ۾ چيو ويو تہ ”فلاڻي فوتيءَ کي جوابدارَ گهلي ڪري، درياهہ جي پر تي وٺي آيا ۽ هن کي ڪهاڙيون هڻي، لاش درياهہ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيائون. فريادي، جو ڪجهہ پنڌ تي ماکي لاهي رهيو هو هُلچلو ٻُڌي، وڻ تان هيٺ ڏٺو ۽ جوابدارن کي چڱيءَ طرح سڃاتائين. جوابدارن واردات تان رت هاڻي مٽي ڪوٽي، درياهہ ۾ وجهي ڇڏي. پوليس ڪجهہ ٻڪرارن جا بيان بہ ورتا، جن ڪجهہ پنڌ تي جهنگ مان جوابدارن کي فوتيءَ کي گهليندي ڏٺو ۽ پاڻ ٻُوڙن ۾ لڪي ويا. پوليس جوابدارن کان رت لڳل ڪهاڙيون بہ هٿ ڪري مشير نامان ٺاهيا. پوليس هڪ جوابدار کي واردات تي وٺي وئي، ۽ مشير نامو ٺاهيو. سيني جوابدارن ساڳي واردات ڏيکاري. فريادي؟ جتان ماکي تي لاٿي، اُن جو مشيرنامو بہ ٺهيو. اڃا فريادي؟ پوروُ مانارو نہ لاٿو ۽ اُتي ماکيءَ جون مکيون وري وڃي ڪٺيون ٿيون هيون. جوابدار جي باس لکي، صوبيدار جاڻ خان مختيارڪار

(فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ) کي هزار رپيا رشوت ڏئي چيو تہ اُها پنهنجن هٿ اکرن ۾ 164 جي فارم تي اُتاري، اُن تي صحيح ڪري ڏئي، "فريادي ۽ شاهد ايڏا ٻالا ڀولا ۽ سادا سودا هئا، جو مون کي اعتبار اچي ويو تہ ڳالهہ سچي آهي. جوابدار جو وڪيل ڪا چڱي آڏي پڇا بہ نہ ڪري سگهيو ۽ نہ فرياديءَ جي جوابدارن سان ڪائي دشمني ثابت ڪري سگهيو.

پير صاحب چئن جوابدارن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني. هاءِ ڪورٽ جوابدارن جي اپيل رد ڪري ڇڏي. جوابدارن جي معافيءَ جي درخواست بہ رد ٿي ۽ چارئي ڪُوپا مُڙس ڦاهيءَ چڙهي ويا.

اُن کان پوءِ اُهو صوبيدار، جنهن اُهو ڪيس چالان ڪيو هو جيپ ۾ سفر ڪري رهيو هو تہ ڪائي ٽڪي ويندڙ بس جيپ سان ٽڪري ۽ هو ۽ هن جا ساٿي چيپاتجي ويا. جيپ بس سان ٽڪر کائي، چپي ٿي! بس جو ڊرائيور بس ڀڄائي هليو ويو. جڏهن ٿاڻي تي خبر پئي، تہ سڀ ڏڪي مري چڪا هئا. صوبيدار جانڻ خان جي موت کان پوءِ، جو بيو صوبيدار آيو ۽ جنهن جو فوتي صوبيدار سان تڪرار هو اُهو پير صاحب وٽ آيو تہ پير صاحب کي ٻڌايائين تہ اُهو ڪيس ڪوڙو هوا! "فوتي" سيوهڻ مان کيرٿر جا پهاڙ ٽپي، حلاوان ڏي بلوچستان پڄي ويو. اُتان جي ڌاڙيلن سان گڏجي هُن نواب شاهہ ۾ هڪ پنجابي زميندار جي گهر ڌاڙو هنيو. پر زميندار جي ڀهري دارن ڌاڙيلن مان بہ مُڙس پڪڙي ورتا، جن مان هڪ مٿي ذڪر ٿيل ڪيس وارو فوتي بہ هوا هُن باس ۾ اِهو بہ ٻاسيو تہ هن جي قتل جو واقعو ڪوڙو ٺاهيو ويو هو جوابدارن جي دنگئي زميندار جي چُرچ تي اهو قتل جو سارو واقعو گهڙيو ويو هو ۽ جاچ بلڪل ڪوڙي هئي.

"اُن سچي ڪوڙي واقعي ۾ جويدار ڦاهي چڙهي چڪا، ۽ مان اُنهن کي زندگي موٽائي نہ ٿي ڏئي سگهيس."

پير صاحب جو اِهو قصو ٻڌي، مون کي هئمليٽ مان شيڪسپيئر جون سٽون ياد آيون:

There are many things in the world, Horatio than thy philosophy can dream of.

(هن ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ تي ڪيئي شيون آهن، جي تنهنجي فلسفي جي خواب وخيال ۾ بہ نٿيون اچي سگهن، هوريشو!)

❊ ❊ ❊ ❊

مون مغرب جي قنوطي فيلسوف جي ڪتاب ۾ ڪٿي پڙهيو تہ:

Every parting gives a foretaste of death, every coming together a foretaste of resurrection.

(هر الوداع ۾ موت جي لغار آهي ۽ هر ملاقات ۾ پُنرجنم جِي.)

اهي سٽون ياد ڪري، مون پنهنجي وائي ”تڙپي پوندا تارئين، جڏهن ڳاڙها گل“ لکي.

تقسيم کان پوءِ فيض جو هيٺيون نظم اُن دور ۾ اُردوءَ جو بهترين نظم هو:

يہ داغ داغ اُجالا يہ شب گزيده سحر
يہ وه سحر تو نہيں جس کی آرزو لے کر
چلی تھے يار کہ مل جائے گی کہيں نہ کہيں
فلک کے دشت ميں تاروں کی آخری منزل
کہيں تو ہوگا شب مست موج کا ساحل
کہيں تو جاکے رُکے گا سيفنۂ غم دل

اُردو شاعريءَ ۾ ترقي پسنديءَ جي امام فيض احمد فيض ڪيڏي نہ ياسيت ڦهلائي هئي! مون کي حمايت عليءَ تي غصو آيو هو جڏهن هڪ مضمون ۾ ”يہ شب گزيده سحر“ وارو استعارو ٽي. ايس. ايليٽ جي لفظن “night-bitten morn” جو ترجمو چيو هئائين. ڇا، اها ڳالهہ محض اتفاق نہ ٿي ٿِي سگهي؟ ۽ جي واقعي ترجمو بہ هئي تہ اِهو شعوري هو يا غير شعوري، ۽ جي ترجمو هو تہ اصل جيترو خوبصورت هو. حمايت علي منهنجو دوست هو ۽ مون تي پورو ڪتاب لکيو اٿائين، جنهن لاءِ مان سندس ٿورائتو هوس، پر اُن وقت مون کي هو هيڏ ڳڙيءَ جو پساري لڳو هو.

اُن وقت مان غم و اندوهہ جي سٽ پُرهہ اونهي کوهہ ۾ ڪريو هوس. مون فرار لاءِ اُردوءَ ۾ شاعري ٿي ڪئي. مون کي اُن دور تي سوچي، سنڌيءَ جو پهاڪو ”انڌن آندو ڪُتن لکيو“ ياد آيو هو.

ڇا اوهان سوچي بہ سگهو ٿا تہ شيخ اياز هزل بہ لکي سگهندو؟ مان حفيظ هوشيار پوريءَ کان اُردو هزل پڏندو هوس ۽ ڪيس پنهنجا هزل پڏائيندو هوس. سکر ۾ هڪ اُردو شاعر، جنهن کي سڀ ”لنگور صديقي“ چوندا هئا، ۽ منهنجو اسٽينو گرافر اوباش، ٻئي هزل گو شاعر هوندا هئا. مان اُنهن جا هزل

ٻڌي، ٿهڪ ڏيندو هوس. مون کي اهو سوچي پاڻ تي عجب ٿو اچي تہ مان ڪيتريءَ ذلت جي تري ۾ وڃي ڪريو هوس! جڏهن مون ڪراچي ڇڏي، تڏهن چيم تہ ”الوداع وندي ماترم،“ ”الوداع جن گن من ادي نايڪ جئہ هئہ!“

شاعر ڪيترا نہ ساده لوح انسان آهن ۽ سياست دان پوري عوام وانگر واه واه ڪري هنن کي استعمال ٿا ڪن! گانڌيءَ جهڙا مها پُرش ماريا ٿا وڃن ۽ پٽيل جهڙا پٽيل سياست دان اقتدار ۾ اچن ٿا. بوس هوائي حادثي جو شڪار ٿئي ٿو نهروءَ جهڙا سرڪس جا شينهن تاج ۽ تخت جا وارث ٿا ٿين. برصغير جي تاريخ ۾ فارسيءَ جي ڪتاب ”ڪليلہ و دمنا“ جهڙيءَ ڪهاڻيءَ سان، سنڌ ”پاڪستان نهراءُ“ انڪري بحال ڪيو هو تہ بار بار پاڪستان تي مارشل لا مڙهيو وڃي ۽ جمهوريت کي ليڙون ليڙون ڪيو وڃي؟ ڇا، قائداعظم اِن لاءِ جدوجهد ڪئي هئي، جنهن جو پرسانِ حال ڪونہ هو جڏهن هن کي زيارت مان آندو ويو ۽ جنهن سان فقط هڪ نرس گڏ هئي، جا هُن تان مکيون هٽائي رهي هئي! ڇا، ڪئبينيٽ مشن پلان نيڪ نہ هئي، جنهن پوءِ نهروءَ جي هٺ ڌرمي ريزا ريزا ڪري ڇڏي! اِها پلان ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي قبول ڪئي هئي. جڏهن ڪنهن پريس رپورٽر نهروءَ کان ڪانفرنس ۾ بمبئيءَ ۾ پڇيو هو تہ ”ڇا، ڪئبينيٽ مشن پلان اوهان پوري تسليم ڪئي آهي؟“ نهروءَ جواب ڏنو تہ ”ڪانگريس سڀ زنجير لاهي اسيمبليءَ ۾ گهڙندي ۽ هر حالت جي مقابلي لاءِ آزاد هوندي.“

بس، ان ڳالهہ قائداعظم ۽ مسلم ليگ کي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ڪانگريس جي ديانتداريءَ تي هنن کي شڪ پيو ۽ پلان تان هٿ ڪڍي ويا! پوءِ ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ ڏاڍيون ڪوششون ڪيون تہ سمجهوتي کي بچايو وڃي ۽ بار بار دهرايو تہ پوري پلان قبول آهي، پر پلان جي ناڪاميابيءَ جي ساري ذميواري نهروءَ تي آهي. هو توري تڪي نہ ڳالهائيندو هو ۽ انهيءَ خمار ۾ هوندو هو تہ هو هندستان جو اڪيلو اڳواڻ آهي، جو سوشلسٽ بلاڪ سان ناهہ ڪري، اُن کي ترقي پسند معاشرو ڏيڻ وارو هو! ڇا، نهروءَ ئي ساري ديس کي انڌي کوهہ ۾ ڦٽي ڪيو!

پلان جي ناڪاميءَ، بهرحال، ڌرتي منهنجي پيرن هيٺان ڪڍي ڇڏي هئي، ۽ ڊايونيسس جي ڏند ڪٿا ۽ ايپي ڪيورس جي فلسفي مون کي پاڻ ۾ پناهہ ڏني. پوءِ جڏهن حشوءَ کي ديس نيڪالي ڏني وئي، تڏهن مون پوري ورش کي ٻُجو ڏئي پنهنجي دنيا ٺاهي.

❊ ❊ ❊ ❊

مان وري اچان ٿو وڪالت جي زندگيءَ ۽ پنهنجي شاعريءَ تي، جا مون لاءِ زنده رهڻ جو هڪ بهانو بڻي:

غوث بخش ميمڻ ۽ ديوان پرمانند مون سان گڏ پڙهيا هئا. غوث بخش ميمڻ اُن وقت شڪارپور ۾ پوليس پراسيڪيوٽر هو جنهن ايس. پي. سي. آءِ. ڊي. تي رٽائر ڪيو. هڪ ڀيري مان ڪراچيءَ ۾ هن جي آفيس ۾ ڪم سان ويس. مون اُتي هڪ اُردو رسالي جو ايڊيٽر ڏٺو جو اُتي هيڊ ڪلارڪ هو. جڏهن مان وائيس چانسلرشپ جو مدو ختم ڪري ڪراچيءَ آيو هوس، تہ احمد سليم، پنجابيءَ جو اديب ۽ شاعر ۽ منهنجي چونڊ ڪلام جو پنجابي شاعريءَ ۾ مُترجم، مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ ”هندستاني ڪميونسٽ افسانہ نويس، رام لال جِي زاهده حنا ۽ هن جي مڙس جون ايليا پنهنجي گهر ماني ڪرائي آهي ۽ توکي دعوت موڪلي آٿائون تہ ”تون بہ اچي سگهين تہ بهتر.“ مون رام لال جون ڪجهہ ڪهاڻيون پڙهيون هيون، ۽ هُن سان ملڻ چاهيو. مان زاهده حنا جي گهر ۾، ٽن چئن مهمانن سان گڏ، ايس. پي، سي، آءِ. ڊيءَ جي آفيس جو اُهو هيڊ ڪلارڪ بہ ڏٺو تہ ويٺو هو. رام لال هر هندستاني ڪميونسٽ وانگر واتڙو هو ۽ پنجاب جي دوري کان پوءِ سنڌ ۾ واءُ مينهن ڪندو آيو هو. هو مورک ۽ مت هيڻ هو ۽ پنهنجي سامعين کي ڄاڻڻ کان سواءِ ۽ اهو سوچڻ کان سواءِ تہ متان ڪوئي واءُ سئاءُ لهڻ آيو هجي، هو جنرل ضياالحق کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ چيائين تہ ”مان جتي پنجاب ۾ ويو آهيان، اُتي ماڻهو جنرل ضيا جي خلاف آهن.“ مون کي اها ڳالهہ بہ خيال ۾ هُئي تہ هڪ سي. آءِ. ڊيءَ وارو اسان جي وچ ۾ ويٺو آهي ۽ پيو تہ مان ان راءِ جو هُيس تہ جنهن شخص ڀُٽي جهڙي شاطر سياست دان جو ترو ڪڍي ڇڏيو اُهو ايترو جلدي نہ ويندو. مون رام لال کان پڇيو تہ ”تون پارٽيءَ کي هتان جي دوري جي باري ۾ رپورٽ ڪندين؟“ هن معصوميت سان چيو تہ ”ها.“ جڻ تہ اسان هنن جا ورهين جا واقف هئاسين! اِن تي مون هن کي چيو تہ ”رام لال! پارٽيءَ کي چئجانءِ تہ ”شيخ اياز چيو پئي تہ جنرل ضياء الحق پندرهن سال نہ ويندو، ۽ جي هندستان کي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻي آهي تہ جنرل ضياء سان ڪري. تنهنجي پارٽيءَ ۾ سنڌي ڪميونسٽ مون کي چڱيءَ طرح سُڃاڻن.“ هو منهنجو جواب ٻڌي، مايوس

ٿيو ۽ هن جي جدلياتي ماديت جي پتنگ جي ڏور هڪ گشڪي سان ڪٽجي وئي. ڏهہ سال پوءِ زاهده حنا پراٽي سکر ڪنهن شاديءَ جي تقريب ۾ آئي هئي تہ منهنجي گهر بہ آئي. هن اچڻ سان چيو ”اياز صاحب! تو صحيح ٿي چيو تہ جنرل ضياء پندرهن سال نہ ويندو. اجا تہ اقتدار ۾ آهي.“ مون هن کي جواب ڏنو تہ هاڻي سيئي سُڪ آهيون. تون فقط (Imponderable factors of nistory) (شعور کان بعيد تاريخ جي عنصرن) تي اعتماد رکي ٿي سگهين.

هڪ ڏينهن مان ڪُئينس روڊ تي پنهنجي آفيس ۾ وينو هوس، دري کلي پئي هئي، سامهون ڪلاڪ کان سي. آءِ. ڊيءَ وارو اڳٽ چوڙي پيشاب جي بهاني سان پيشاب خاني ۾ بيٺو هو. ايتري ۾ مون وٽ هڪ پاڙيسري چوڪرو آيو ۽ اچي چيائين تہ ريڊيو تي آيو آهي تہ جنرل ضياء الحق جو هوائي جهاز C.130 ملتان لڳ بم جي ڌماڪي سان اُڏامي ويو.“ مون هن کي سامهون اشارو ڪري، چيو تہ ”سامهون هن سي. آءِ. ڊيءَ واري کي اها ڳالهہ ٻُڌاءِ، تہ هن جو پيشاب تہ پورو نڪري، ڪلاڪ کان بيٺو آهي ۽ پيشاب بيٺو ڪري.“ چوڪرو سڌو سي. آءِ. ڊيءَ واري وٽ ويو جو اڳٽ ٻڌي وٺي ڀڳو.

سال کن پوءِ غوث بخش ميمڻ گذاري ويو.

اِها تہ نڪتي ڳالهہ مان ڳالهہ. جا غوث بخش جي باري ۾ تسلسل قائم رکڻ لاءِ مون ڪئي.

مون اِن کان اڳ چوڻ چاهيو ٿي تہ هڪ پيري شڪارپور ۾ هڪ منهنجو جاڻو سُڃاڻو وڪيلُ غوث بخش ميمڻ ۽ ديوان پرمانند سان شڪارپور جي بار روم ۾ وينو هو. ديوان بہ شاعريءَ سان ٿوري ڪَشتَ ڪندو هو ۽ هڪ پيري ڪاليج جي مِسلينيءَ (مخزن) ۾ هن جو غزل ڇپيو هو. هُن کي غوث بخش صلاح ڏني تہ ”اياز بہ هِتي آهي. مشاعرو ٿي وڃي!“ منهنجي جاڻو سڃاڻو وڪيل بہ ڪنڌ ڌوڻ ڪئي، هو بہ ”فاعلاتن فاعلات“ جاڻندو هو. غوث بخش مصرع طرح ڏني ”لاڄيءَ جي لڄ رکجانءِ رام.“ پنهنجي جاڻو سڃاڻو وڪيل جو نالو جاڻي واڻي نہ ٿو لکان، ڇو تہ گذاري ويو آهي ۽ جوان ٻارَ ڇڏي ويو آهي، مان هن لاءِ فقط ”وڪيل صاحب“ ٿو لکان. هُن مصرع ٻڌي، غوث بخش ڏانهن زهر پيري نگاهن سان ڏنو ۽ پنهنجو ڳائون کڻي، بار روم مان نڪري ويو! مون غوث بخش کي چيو تہ ”انهيءَ واهيات مصرع طرح

تي هُن ايترو بتال ڇو ڪاڍو؟" جواب ڏنائين تہ "لاڇي هڪ لاجواب هندو وڏوا آهي، جا شڪارپور ۾ ناناڪيءَ گهٽيءَ ۾ رهندي آهي. هن جا ڳل تہ ناهن، رس ڳُلا آهن. اياز هن جا چپ مصرع اول ۽ مصرع ثانيءَ وانگر آهن. ۽ هوءَ سرتاپا غزل آهي. تون هن کي ڏسين تہ شاعري وسري وڃيئي. وڪيل صاحب اُنهيءَ بربُل کي الائي ڪيئن ڦاسايو آهي. هن پنهنجي گهوڙي گاڏي ورتي آهي ۽ شام جو جَمني ۾، لاڇيءَ کي بگيءَ تي اڳيان ويهاريندو آهي ۽ پاڻ گهوڙي جون ريناں وٺي، شاهي باغ مان ٽيندو چودڳيءَ تائين ڦري ايندو آهي. لاڇيءَ کي لکيدر تان رابيل جون ڪُنڍيون وٺي ڏيندو آهي، جي هوءَ لوڪ لڄا جي پرواهہ نہ ڪري پائيندي آهي. وڪيل صاحب اڪثر موتيءَ جون چار ڪُلفيون، راڌي جا تريل ڪبابَ ۽ دنبي مل جا پَڪل ڦلڪا وٺي، لاڇيءَ جي گهر ويندو آهي. ماڻهو چوندا آهن تہ لاڇي ڪسٻياڻي آهي، پر مان ڀانيان تہ لاڇيءَ جو وڪيل صاحب سان عشق آهي. تو پاڻ ڏٺو آهي تہ وڪيل صاحب خاص سهڻو نہ آهي، پر دل جي آئيني ۾ محبوب جو عڪس هميشہ ڀلو نظر ايندو آهي. عشق اُها رنگين عينڪ آهي، جنهن مان اُس بہ چانڊوڪ لڳندي آهي. مون کي وڪيل صاحب تي ڪاوڙ آهي. شڪارپور جو موتيءَ جو داڻو تڳائي ويو آهي، ۽ مان ۽ ديوان جهڙن مڙسن کي لاڇي اک بہ نہ ڏسندي آهي!" ڳيت ڏئي، هن وڌيڪ چيو "ٻي هڪ مزيدار ڳالهہ ٻڌايانءِ. لاڇي آسودي ڪُلَ جي وڏوا آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ هوءَ نهي سنبري، چوٽيءَ ۾ سونو چوٽيءَ ڦُل ۽ نڪ ۾ جڙادار ڦُلڙي پائي آئي. هن کي گهنگهرن واريون پنڙيون ۽ ڳچيءَ ۾ ڪنمال پئي هئي، جڻ سوناري جي دڪان جي نمائش ڪري رهي هئي!"

"سوني تي سهاڳو هيءُ تہ وڪيل صاحب جڏهن شاهي باغ ٽپندو آهي ۽ ٻي سُري آواز ۾ ڏوهيڙا ڳائيندو آهي، تہ لاڇي هن جي منهن تي هٿ رکي ساڳيا ڏوهيڙا سُريلي آواز ۾ ڳائيندي آهي. هڪ ڀيري هو شاهي باغ ٽپيا، تہ جهنگ مان چار شاهينگ ڪهاڙين سان نڪتا ۽ وڪيل صاحب کي ڏڪ بہ هنيائون ۽ گهوڙي جون واڳون زوريءَ کسيائون. پوءِ هو لاڇيءَ کي جهنگ ۾ ڇڪي ويا ۽ هن جو سارو ڦِمامُ لاٿائون. ڪي چون ٿا تہ هن سان زوري بہ ڪيائون. پوءِ هڪ شاهينگ لاڇيءَ جي پني ٽڦي، هن کي چيو تہ "هاڻي وڃي شادي ڪرينس. جي مُڙس جو پُٽ هوندو تہ توسان نڪاح ڪندو." لاڇي

موٽي آئي تہ وڪيل صاحب گاڏيءَ ۾ ٿڙ ٿڙ ڪنبي رهيو هو. لاچيءَ کي موٽائي وٺي آيو.“ اها سڄي خبر غوث بخش کي پوليس مان پئي هئي.

جڏهن غوث بخش مصرع طرح ڏني تہ وڪيل صاحب سمجهي ويو تہ غوث بخش کي خبر آهي تہ لاچيءَ سان ڪهڙي تعدي ٿي هئي. ”وڪيل صاحب پوءِ بگي گهوڙو وڪڻي ڇڏيو ۽ لاچيءَ جي گهر پنگ پي ويندو هو. هڪ پيري هو پنگ جو گهاٽو گلاس پي نڪتو نشي ۾ ٽُٻ. هن هميشہ وانگر لاچيءَ لاءِ شيون ورتيون ۽ هٿ ۾ رابيل جون ڪنڊيون ڪٺي، لوڪ بيت ڳائيندو آيو:

جيڪو پيئي، سو جيئي

ايندو ڏسي يار کي، ڦوڪ نہ ڏي ڏيئي.

نانارڪيءَ گهٽيءَ ۾ هڪ ننڍو سُڪل کوهہ هو. گهٽيءَ ۾ ميونسپل جي بتيءَ جو بلب فيوز ٿي ويو هو. رڳو لاچيءَ جي گهر ۾ بجليءَ جي بتي ٻري رهي هئي. اوچتو تيز ڪائي وڪيل صاحب وچي کوهيءَ ۾ ڪريو ۽ هن کي ڌڪ لڳا. هن جي چنگهہ ٻانهن نہ پڳي، پر مُري جي سخت موچ اچي وئي. وڪيل صاحب جي رڙ تي رڙ تي پئي. ”لاچي! لاچي!“

”لاچي لالٽين کڻي هيٺ لهي آئي. رڙ سُڪل کوهيءَ مان ٿي آئي، جتي هُن وڪيل صاحب کي ڏٺو. هن کوهيءَ ۾ مُنهن وجهي چيو تہ ”اُلڪو نہ ڪر! مان اجهو ٿي بانس جي ڏاڪڻ کڻي اچان.“ هوءَ تيزيءَ سان گهر پڳي، لالٽين جا هيڏانهن پوند ڙ پاڇاوان هڪ پُراسرار فضا پيدا ڪري رهيا هئا. پرسان پيل مان چهري جو آواز آيو جو هن کي اُپسوڻ لڳو. لاچي بانس جي ڏاڪڻ کوهيءَ ۾ لاهي رکي ۽ پاڻ هيٺ لهي وئي. وڪيل صاحب جي رڙ هيٺ ۽ رڙ مٿي ٿي پَئي. لاچيءَ هن کي سهارو ڏِئي، آهستي آهستي، ڏاڪڻ تي چاڙهيو ۽ مٿي پهچي هن کي گلي ۾ ٻانهن ڏيئي، وِڪ وِڪ ڪٽائي، ڏاڪڻ تي مٿي چاڙهيائين. پوءِ گوڙو تيل تاڪوري مُري تي سيڪ ڪيائين. لاچي ڪنهن ڪنهن وقت آفيم کائيندي آهي ۽ هُن وٽ تولو بہ تولا آفيم پيو هوندو آهي. هن ٿورو آفيم کاڌو تہ هن کي پنڪي اچي وئي. هو صبح جو ننڊ مان اُٿيو تہ هن کي ٿورو سُور هو، سو سڄو ڏينهن اُتان هو ٻاهر نہ نڪتو. وڪيل صاحب جي پاڙي ۾ هن جي نہ موٽڻ ڪري هُلچلو ٿي ويو ۽ هن جي تلاش شروع ٿي. نيٺ هو بانس جي لٺ ٽيڪيندي، آهستي آهستي، سڌو آفيس ۾ پهتو.

جڏهن هُن جا والي وارث اُتي پهتا، تڏهن اُنهن کي چيائين تہ "مُري کي موچ اچي وئي هئي ۽ رات جو مان آفيس ۾ سُتو هوس."

"ٻئي پيري رات جو ڪنهن هن کي ٻُلٽري ڪُتو ٻڇايو جنهن سندس پنڌت کي چڪ سان چِڪ ڏئي ڦاڙي، هن جي ماس جا رَبڙَ لاهي وڌا. لاڇيءَ ڪُتي جي رومڙَ ٻُڌي، ڪٽهڙي مان هيٺ ڏٺو. سياري جي رات هئي. لاڇيءَ جي چلهہ ۾ ڪافي ڪانيون ٻري رهيون هيون. هُن هڪ هِڪ ڪري چار ٻرندڙ ڪانيون ڪُتي ڏانهن اُڇلايون، جن مان هڪ هن کي لڳي ۽ هو ڪوڪڙاٽ ڪندي ڀڄي ويو. هڪ ٻي ٻرندڙ ڪاٺي هٿ ۾ جهلي، لاڇيءَ هيٺ اچي ڪڙو کوليو ۽ ڪاٺي ڪُتي طرف ڪري وڪيل صاحب کي ڏاڪڻ ۾ ڇِڪي، ڪڙو اندران بند ڪري ڇڏيو. لاڇيءَ هن کي پٽي ٻڌي ۽ ٻئي ڏينهن هن کي سِول اسپتال ڪَڍائي وئي. سول سرجن ڪتي جي چڪ جي اثر لاهڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن پيٽ ۾ هن کي سُيون هنيون. هُن کي پوءِ هو تہ ڪتي ڪتو ڇتو نہ هجي، پوءِ لاڇيءَ وڪيل صاحب کي چيو تہ اسان جي گڏَ دشمن آهن. مان تنهنجي آفيس ۾ ايندس.

"ڏياريءَ جي رات هئي. ٿهي سنبري، لاڇي پنهنجي ڪٽهڙي تي ڏيئا ٻاري، سڄي گهہ مان ٿهيل گِيهَرَ ۽ ڏوٿيون وٺي، وڪيل صاحب جي آفيس آئي. مان اُتي ويٺو هوس. لاڇيءَ ۾ جڻ سندَ جون سڀ هندو استريون سمايل هيون. ساهہ ڏيندڙَ ۽ قربائتيون. هن جي وڃڻ کان پوءِ وڪيل صاحب مون کي سربستي ڳالهہ ٻُڌائي. هن کي شڪ هو تہ اها ڪُتي ٻڇائڻ جي حرڪت منهنجي ۽ پرمانند جي سازش هئي. سازش واري ڳالهہ تہ مون کي دل سان لڳي. سازش ضرور هئي، پر ڪنهن جي؟ ڪيئن چئجي! مون کي لاڇيءَ جي مٿي تي ٻُنديا ۽ بدن تي ڳاڙهي ساڙهي بہ نہ ٿي وسري."

"ڪنهن جو ڪنهن سان عشق ڇو ٿو ٿي وڃي؟ ڪيئن چئجي! عشق بہ شاعريءَ جي ذات وانگر آهي، جنهن کي خدا ڏئي. عشق پنهنجيءَ جاءِ تي مذهب آهي ۽ هر دين ڌرم کان بالاتر آهي." ديوان چيو ۽ ڪجهہ مرڪيو پر چپ پيڪوڙي مُرڪ ڪائي ويو.

وڪيل صاحب، غوث بخش ۽ ديوان ٽَئي گذاري چُڪا آهن. مون ٻُڌو آهي تہ لاڇي وهيءَ کان مُڙي چُڪي آهي، گهر مان ورلي نڪرندي آهي. هوءَ سارو وقت مالها سوريندي آهي ۽ جپ صاحب پڙهندي آهي.

* * * *

جيئن يادگيري ٿي اچي، تيئن مان اُن درياه ۾ لُڙهندو ٿو وڃان، جنهن ۾ ڪيئي گهاٽ آهن. مان ڪڏهن ڪنهن ڪڏهن ڪنهن گهاٽ تي ترسان ٿو:

مون کي هاڻي هڪ ٻيو واقعو پنهنجي وڪيل دوست رشيد ڀٽيءَ جي باري ۾ ياد ٿو اچي. هڪ ڀيري مان، منهنجو جونيئر غلام مصطفيٰ شاهہ جو پوءِ لا سيڪريٽري ٿيو، رشيد ڀٽي ۽ ڪجهہ ٻيا وڪيل دوست خيرپور پرسان هڪ واهہ تي شيل ڪرڻ وياسون. اسان سڀني کي ٿي بوتلون وسڪيءَ جون هيون، ۽ اسان خوب پيتيون هيونسين. اسان جو هڪ دوست صديقي، جو تارُو هو هڪ ٽيوب جي وچ ۾ تري رهيو هو راڳڙا ڳائي رهيو هو ۽ مون تي چٽر ڪري رهيو هو: "اڙي واه اڙي واه، پرين تو تہ ڏنو ناهہ!" اُهو ٽورو اڳتي ٿي نڪري ويو تہ هن جي ٽيوب کي ٻيا دوست ڇڪي ٿي آيا. ڀٽيءَ واهہ سان ڪونس نہ ٿي ڪئي، ڇو تہ هو تارُو نہ هو. ٻيءَ پر تي نيٽڙهيءَ جي مدرسي جا طالب هئا، جن سان ننڍي هوندي ڀٽي گڏ مدرسي ۾ پڙهيو هو. ڀٽيءَ جو پيءُ مولوي عبدالحميد هڪ چلتو پُرزو ماڻهو هو جو ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪيس وٺي ڏيندو هو. هونءَ هو هفتي وار "المنار" اخبار پنهنجي پريس مان ڪڍندو هو جا ڀٽيءَ جي گهر پرسان، نشاط سئنيما جي سامهون گهٽيءَ ۾ هُئي. هڪ دوست چيو "روم جي شهنشاهن وانگر ڀٽي طرح طرح جا عيش ٿو ڪري!" جنهن تي ٻين دوستن چيس، "ڀٽي، ايڏا عيش!" ڀٽي جيستائين ڪجهہ چئي ئي چئي، ڪجهہ دوستن، جن تي نشا چڙهي ويا هئا، ڀٽيءَ کي ٽنگا ٽولي ڪري کنيو ۽ پوءِ ٽنگن ٻانهن کان وٺي، هندوري وانگر لوڏائي، چيو "دريا شاهہ! ڀٽي پر تو آئي!" ڏڙام ڪري ڀٽي وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريو ۽ هيٺ هليو ويو. ٻيءَ پرتان نيٽڙهيءَ وارا طالب رڙيون ڪري رهيا هئا، "اڙي! هي ٻُڏي ويندو!" يڪدم اسان جي هڪ دوست کي خيال آيو تہ متان هي ٻُڏي وڃي، سو وٺي واهہ ۾ ٽپو ڏنائين، ايتري ۾ ٻين بہ ٽپا ڏنا. پهرئين دوست جا ڀٽيءَ جي وارن ۾ هٿ پئجي ويا، ۽ هُن کي ٻڪَ وجهي ڪنڌيءَ تي آندائون. نہ تہ ڪل مان ڊِل تي پئي ها. ڀٽيءَ کي ٽورو پاڻي پيٽ ۾ پئجي ويو هو سو هن کي اونڌو سمهاري، هن جي پيٽ مان پاڻي ڪڍيو ويو. ڀٽي ڪجهہ بدن ۾ ڳورو هو. نشي ۾ اسان جي هڪ دوست چيو "ٻُلهڻ بہ ٻڏندي آهي ڇا؟" ڀٽي اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سامت ۾ آيو. مون ڀٽيءَ کي ڳراٽي

پاتي. هو منهنجو هڪ دوست هو، جو منهنجي عشق جو عيني گواهہ هو. جڏهن پٽي ڏيابيطس ۾ گذاري ويو تہ مون هن جي تڏي تي اوچنگارون ڏئي رنو هو ۽ جڏهن مون بس نہ ٿي ڪئي تہ فتاح ملڪ مون کي صلاح ڏني هئي تہ "اُستاد! تون ڪار تي گهر وَڃ! جنازي نماز ۾ اجا ٻہ ڪلاڪ لڳندا. تون ڏيڍ ٻہ ڪلاڪ رکي اچجانءِ." رستي تي مون کي ڪنهن جي چوٽي ياد آئي هئي: "انت اسان سڀ مري ويندا سين."

سيسل روڊس (Cecil Rohdes) پنهنجي موت کان اڳ چيو هو: "So much to do, so little done." (ڪيڏو ڪجهہ نہ ڪرڻو هو؟ ڪيترو ٿورو ڪري سگهيا سين!"

ڪجهہ وقت پوءِ مون مغربي فيلسوف شوپنهار جي ڪتاب ۾ پڙهيو هو: "هر دوست جي موت تي جو گهرو ڏک ٿئي ٿو اُهو انهيءَ احساس مان پيدا ٿئي ٿو تہ هر شخص ۾ ڪائي اهڙي ڳالهہ آهي، جا اظهار کان بعيد آهي ۽ فقط هن ۾ آهي ۽ جا هن جي موت ۾ بلڪل گم ٿي وڃي ٿي ۽ اُن کي موٽائي نہ ٿو سگهجي." مون پٽيءَ جي باري ۾ "ڪٿي نہ پيجبو ٿڪ مسافر" ۾ ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. تحقيق، انسان ڇا ڇا نہ ٿو سوچي ۽ ڪيترو گهٽ حاصل ڪري سگهي ٿو!

٭ ٭ ٭ ٭

مرحوم جسٽس آغا حسن علي ڪنهن وقت هاءِ ڪورٽ جو جج هو. هن جِي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي بهترين وڪيل مرحوم اي. ڪي. بروهيءَ سان طبيعت نہ ملندي هئي. هڪ ڀيري جسٽس آغا حسن علي ۽ جسٽس ڪانسٽنٽائين بينچ تي هئا، تہ اي. ڪي. بروهي هن وٽ خون جي ڪيس ۾ ڏنل ڦاسيءَ جي خلاف اپيل هلائي رهيو هو. ڪيس جي حقيقت هيٺينءَ ريت هئي:

هڪ شخص گهوڙي تي ٿي ويو تہ ڪجهہ ماڻهن هن کي ڪهاڙيون هڻي خون ڪيو. ايف. آءِ. آر ٻئي ڏينهن تي شام جو لکائي وئي هئي، جنهن ۾ اهو چيو ويو هو تہ ڪجهہ شاهدن اهو خون ڏٺو ۽ فوتيءَ جي مائٽن کي واقعي جي باري ۾ اطلاع ڪيو ۽ پوءِ پوليس وٽ رپورٽ داخل ڪرائي وئي. اي. ڪي. بروهيءَ جو چوڻ تہ خون ٿيندي ڪنهن نہ ڏٺو هو ۽ فرياديءَ ۽ شاهدن صلاح مشورو ڪري، دشمنن جي خلاف، ايف. آءِ. آر لکائي هئي، ۽ اِن ڪري اُن جي داخلا ۾ دير ٿي هُئي. جسٽس آغا حسن عليءَ هن کي چيو تہ

”جي شاهدن فريادي ڏر کي نہ ٻڌايو تہ هنن کي خبر ڪيئن پئي تہ فوتيءَ جو خون ٿيو آهي؟ ڇو تہ هُن جو لاش فريادي جي ڳوٺ کان ڇهہ ميل پري پيو هوا“ اِن تي اي ڪي. بروهيءَ چيو تہ ”سوار جي مرڻ کان پوءِ گهوڙو ڳوٺ موٽي آيو هوندو ۽ فريادي وارن فوتيءَ جي تلاش ڪئي هوندي تلاش ڪندي هنن کي لاش جو پتو پيو هوندو ۽ پوءِ هٿرادو گواهہ بيهاري رپورٽ لکائي وئي هوندي.“ اِن تي آغا حسن عليءَ رُڪائيءَ سان چيو تہ ”اِن لاءِ ڪائي ثابتي آهي تہ گهوڙو سوار کان سواءِ ڳوٺ موٽي آيو هو يا اُهو فقط تُنهنجو ڏڪو آهي؟“ ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻئي جج اُٿي چيمبر ۾ ويا ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ موٽي آيا. مان بروهيءَ مرحوم جي لڳ وينو هوس ۽ هن کي چيم تہ ”اوهان جو دليل تہ ڏاڍو وزنائتو ٿو لڳي، ۽ ايف. آءِ. آر جي دير ۾ فريادي آڌي پڇا ۾ رپورٽ ۾ دير لاءِ پوري سمجهاڻي نہ ڏني سگهيو آهي، ۽ اِنڪري حقيقت جي سچ تي واقعي پاڇاون ٿا پون.“ جج جڏهن موٽيا، تڏهن هنن اپيل خارج ڪري ڇڏي ۽ سيشن ڪورٽ جي ڏنل سزا بحال رکيائون.

ٻئي پيري منهنجي موجودگيءَ ۾ جسٽس آغا، بروهي صاحب جون ائنٽي ڪرپشن جي ۽ ٻين ڪيسن ۾ سزا خلاف ڪافي اپيلون ائڊمٽ ئي نہ ڪيون هيون.

مان ڀانيان ٿو اها غالباً سال 1953ع جي ڳالهہ آهي. مان ۽ آفاق صديقيءَ ۽ ڪجهہ سکر جي ٻين اديبن سکر ۾ ادبي ڪانفرنس گهرائي، مجلس استقباليہ جو صدر مان هوس. بروهي صاحب اُن وقت پاڪستان جو لامنسٽر هو. منهنجو هن سان دانِشور جي حيثيت ۾ ڪافي رستو هو ۽ هو بہ ٽي ڀيرا مون کي وڪٽوريا ۾ پنهنجي پهرئين ننڍي گهر وٺي هليو هو ۽ رات جي ماني ڪاڏي هئيسين. هو ٿياسافٽ هو. حشوءَ جي فلئٽ ۾ هن جي مائٽ ماڏوءَ جا ڪئي ٿياسافيءَ تي ڪتاب پيا هوندا هئا، اُهي مان بہ پڙهندو هوس. بروهي صاحب ٿياسافيءَ ۾ دلچسپي وٺندو هو ۽ ٿياسافيڪل هال ۾ ليڪچر بہ ڏيندو هو. مانيءَ تي اسان ڪُنن ڊايل، ليڊ بيٽر، ائني بيسنٽ ۽ مئڊم بلئوتسڪيءَ جي بنيادي ڪتاب ”ڳجهي سکيا“ (Secret Doctrine) تي بحث ڪندا هئاسين. هڪ ڀيري مون بروهي صاحب کان پڇيو تہ ”ڇا اهو الزام درست آهي تہ مئڊم بلئويتسڪيءَ کي ”تبيٽ“ مان خط نہ ايندا هئا ۽ هوءَ حاضرين جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي وٺي هئي؟“ هُن چيو تہ ”مان نہ ٿو ڀانيان

تہ هوءَ فراڊ هئي؟ ٿياسافيءَ جي وڌندڙ مقبوليت ڏسي، اُن جا دشمن ائين ٿا لکن.“ مون هن کان پڇيو تہ ”سائين، اوهان ائني بيسنت جو ڪتاب ”فرينچ انقلاب“ پڙهيو آهي؟ مون کي تہ اهو ڪتاب ڏاڍو وڻيو؟“

هن چيو تہ ”نہ، ائني بيسنت کي بہ تو وانگر سياسي يلغار تہ لڳل هئي.“

اي. ڪي. بروهي سنڌ جو صحيح معنيٰ ۾ مفڪر هو ۽ هو چوندو هو تہ ”انسان جو مقصد حيات فقط خودشناسي ۽ خداشناسي آهي.“ هڪ ڀيري مون هن کي ڀٽائيءَ جي سُر مومل راڻي مان هڪ بيت ٻڌايو هو:

ڪاڏي ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٽو
راڻو ئي راڻو ريءَ راڻي ٻيو ناهہ ڪي.

تہ هو پنج منٽ ”واہ واہ“ ڪندو رهيو ۽ مون کان بيت دهرائيندو رهيو هو. پوءِ اُهو پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏيو هئائين. هو انگريزي زبان جو ماهر هو ۽ ڏاڍو حاضر جواب وڪيل هو ۽ ڪوئي جج هن سان تُرشيءَ سان گفتگو ڪندو هو، تہ هو بہ ڪيس نهايت تيزيءَ ۽ تُرشيءَ سان جواب ڏيندو هو. ڪيترا همعصر وڪيل ۽ جج هن جي ذهانت ۽ انگريزيءَ تي عُبور ڏسي، هُن سان ساڙ ڪندا هئا. مان ڀانيان ٿو تہ دمِ آخر تائين هُن جو رجحان ٿياسافيءَ ڏانهن ه‍و.

مون ڳالهہ تي ڪئي سکر ۾ ادبي ڪانفرنس جي. مون ڪراچيءَ ۾ هن جي گهر فون ڪيو ۽ جڏهن هُن کي ٻڌايو ويو تہ منهنجو فون ڪال آهي تہ مون سان فون تي گفتگو ڪيائين. مون هن کي چيو تہ ”اسان سکر ۾ آل پاڪستان ادبي ڪانفرنس ڪئي آهي. سکر اوهان جو پنهنجو ضلعو آهي. مان اوهان کي گذارش ٿو ڪريان تہ اوهان ٿئين ڏينهن ان ڪانفرنس جي صدارت ڪري، اسان جي حوصلہ افزائي ڪريو.“ بروهيءَ پنهنجون مصروفيتون ڏسي، ”هائو“ ڪئي، ۽ چيائين تہ ”ڪار ۾ هڪ ڏينهن اڳي آغا بدرالدين جي بنگلي تي پهچي ويندس. مان آغا صاحب کي فون تي چئي ٿو ڇڏيان، تون منجهند جي ماني مون سان ڪائجانءِ.“

ٻئي ڏينهن تي مون کي خبر پئي تہ هو پهچي چُڪو آهي، منهنجي آفيس بہ ساڳئي روڊ تي هئي، جنهن جي ڇيڙي تي مرحوم آغا بدرالدين دُراني، اسپيڪر سنڌ اسيمبليءَ، جو بنگلو هو. مان سادي ٻارهين بجي

بروهي صاحب وٽ ويس. اسان ڪانفرنس ۾ هن جي تقرير جي موضوع تي اڌ ڪلاڪ گفتگو ڪئي، پوءِ گڏجي ماني کاڌيسين.

مانيءَ کائيندي، مون کي بروهي صاحب چيو تہ ”آغا حسن علي رٽائرمينٽ کان پوءِ پنهنجي سکر واريءَ جاءِ ۾ رهيو پيو آهي ۽ بيمار آهي، شام جو ساڍي پنجين بجي اچجانءِ تہ هن وٽ هلنداسين. مون آغا صاحب کي فون تي اهڙو اطلاع ڏئي ڇڏيو آهي.“

مان شام جو بروهي صاحب وٽ ويس ۽ هو مون سان آفيشل ڪار ۾ گڏجي آغا حسن عليءَ جي گهر ڏانهن هليو. ڪار تي حڪومت پاڪستان جو جهنڊو ڦڙ ڦرائي رهيو هو ۽ ڪار بہ ڪافي وڏي هئي. مان ڀانيان ٿو تہ جرمن ڪار مرسڊيز بينز هئي. مون ڊرائيور کي رستو ڏيکاريو جو منهنجو ڏٺل هو ۽ آغا حسن عليءَ جا ٻئي پٽ، آغلو خان ۽ آغا امداد محمد، مون سان ساڳيءَ سيشن ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندا هئا. آغلو خان پوءِ ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو ۽ آغا امداد محمد مون کي سکر هاءِ ڪورٽ ۾ ملندو رهندو هو. منهنجي سکر ڇڏڻ کان پوءِ، ڪجهہ وڪيلن وانگر هن جو بہ پتو نہ آهي تہ هو بقيد حيات آهي يا نہ. ڊرائيور ذريعي آغا صاحب کي اطلاع ڪرايائين. پوءِ اسان کي هڪ جاءِ جي هيٺئين حصي ۾ وٺي ويا، جتي ڪافي اُداسي ۽ ٻوسٽ هو. آغا صاحب نہل تي ويو هو ۽ بدن ۾ ڏاڍو لهي ويو هو. هو بروهي صاحب سان ائين مليو جيئن پورس سڪندر سان مليو هو. پر بروهيءَ هن جي پيرن تي هٿ رکي چيو تہ ”مون کي سکر ۾ اياز صدارت لاءِ گهرايو آهي، مون چاهيو تہ سکر آيو آهيان تہ اوهان سان بہ ملان ۽ اوهان کي عرض ڪريان تہ اوهان بزرگ آهيو، مون کي دعا ڪريو.“ جاءِ ۾ پراڻيءَ طرز جو پکين سِرن جو فرش هو ۽ ڪجهہ ڪُرسيون پيون هيون. مون آغا صاحب جي مُنهن تي حيرت جو ردعمل ڏٺو ۽ بروهيءَ کي چيائين تہ ”جيڪڏهن تون واقعي دعا لاءِ آيو آهين، تہ مان توکي دعا ٿو ڪريان تہ تون سَرئون سَر هوندين ۽ اڳي کان بہ اڳرو هوندين، ۽ ڪنهن وقت وزيراعظم ٿيندين.“ ان تي بروهيءَ کيس چيو تہ ”وزيراعظم جو عهدو مون لاءِ معنيٰ نہ ٿو رکي. اوهان مون کي چڱيءَ ۽ درازيءَ عمر لاءِ دعا ڪريو.“ ان تي آغا حسن علي مُرڪيو ۽ هن جي مُرڪ مان طنز ظاهر هئي. پر بروهي صاحب کي چيائين، ”مان خدا جي درگاهہ ۾ تو لاءِ اُها بہ دعا گهران ٿو.“ آغا صاحب وٽ مون ٻہ ٽي

ڪيس هلايا هئا ۽ هن کي شڪ هو تہ هن مون کي هاءِ ڪورٽ ۾ ڏٺو آهي. منهنجو نالو پُڇي مون کي چيائين، "پُٽ، مان توکي دعا ٿو ڪريان تہ تون بہ منسٽر ٿيندين." مون دل ۾ چيو تہ "آغا صاحب! منسٽري تہ اڇٽي ويڇٽي شيءِ آهي، خدا مون کي پنهنجي شاعري بخشي ڏني. تون ۽ بروهي صاحب شايد اها ڳالهہ ايتري اهم نہ سمجهو."

اسان هن کان موڪلائي واپس موٽياسين. مون دل ۾ چيو تہ بروهي هڪ فيلسوف آهي، جنهن اهڙا لفظ آغا صاحب کي چيا، نہ تہ پيو هجي ها تہ پنهنجي وزيراعظم ٿيڻ جي باري ۾ پڏي، تيگرجي وجي ها. گهڻي اڪثريت ڳهيلي هئي ۽ مَت هيڻ، ۽ نٽ نانگر ۽ هاڪ ڏاڪ تي واري ويندي آهي. هو پنهنجي هر ڪار کي ڪارنامو سمجهندا آهن. ٿوري ڪيپ ڪتي ڪيپ ۾ اچي ويندا آهن. مون کي يوناني فيلسوف ديوجانس (Diogones) ياد آيو جو پنهنجي ڳچيءَ ۾ هڪ وڏو پيپ وجهي گهمندو هو ۽ جتي ويهندو هو تہ اُن پيپ ۾ ويهي رهندو هو. هڪ پيري هو ائين وينو هو تہ سڪندر اعظم هن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ آيو. هن چيو "ديوجانس! مان سڪندر اعظم آهيان." ديوجانس جواب ڏنس، "سڪندر! مان فيلسوف اعظم آهيان." سڪندر چيس، "مان تولاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟"، "ڪجهہ بہ نہ." ديوجانس جواب ڏنس، "فقط هي تہ منهنجي ۽ سج جي وچ تان هٽي وڃ!" جڏهن آغا بدرالدين جي بنگلي جي مٿينءَ ماڙ تي نهيل شايانِ شان مهمان خاني ۾ پهتا هئاسين، تہ آغا صاحب ڪافي دير اڳ ڳڙهي ياسين مان هن جي آدر ڀاءَ لاءِ پهتو هو. ڳالهين ڪندي هن آغا صاحب جي دعا جو ذڪر ڪيو ۽ چيو تہ اقتدار ماڻهوءَ جو مٿو ونئي ونئي ٿو ۽ هو ائين ٿو سمجهي تہ مان عرش تي آهيان. پر جڏهن ڪُرسيءَ تان لهي ٿو تہ فرش تي جاءِ بہ هن کي مشڪل ملي ٿي. انسان پنهنجي تانءِ ڦُونءِ ۾ ڪيڏا نہ ترڙا ۽ ہٽاڪي تي وڃن ٿا، ۽ڪيڏا نہ خوش پَڏٽا ۽ اَيماني!" اها ڳالهہ ٻڌي، آغا بدرالدين جو منهن وَن وَن ٿيڻ لڳو جو ڳڙهي ياسين جو زبردست زميندار هو ۽ بروهي صاحب جو والدُ بزرگوار ڳڙهي ياسين جي غريب عوام ۾ پنهنجي قانون دانيءَ ۾ مشهور هوندو هو ۽ اُهي اچي هن سان مشورو ڪندا هئا، ۽ ڪانئس درخواستون لکرائيندا هئا. بروهيءَ کي اُن تي فخر هو تہ هن جو ڪجهہ بہ حاصل ڪيو آهي، پنهنجيءَ محنت ۽ پنهنجي دماغ سان حاصل ڪيو آهي.

غالباً ميجر جنرل اڪبر جي پاٽئٽي (نالو وسري ٿو وڃي) جو ناول Faces of love and Death جنهن جي سرورق تي سمرسيٽ مام جا اُن ناول جي باري ۾ ساراهہ ۾ لفظ لکيل هئا, اُن جي مرڪزي ڪردار جي ڪجهہ مماثلت بروهي صاحب سان هئي, پر اهو ناول مون دير سان پڙهيو هو.

آغا حسن علي سکر ۾ گذاري ويو. هن جو وڏو پُٽ آغلو خان ڪراچيءَ لڏي ويو هو جتي گذاري ويو. هن جو ننڍو پٽ آغا امداد حسين, جو عدليہ ۾ ويو وڃي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو. هن اُتي عبدالحميد جتوئيءَ جي ضمانت ڪنئي, جنهن ڪي ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ نظربند ڪيو ويو هو. اُن کان پوءِ آغا امداد سسپينڊ ٿيو. اُنهن ئي ڏينهن ۾, هڪ موقعي تي, ڀُٽو صاحب سکر سرڪٽ هائوس ۾ لٿل هو. مون کي دعوت نامو مليو تہ هن سان ملان. اُتي جيڪي منتظم هئا, اُنهن منهنجي ويهڻ لاءِ مير رسول بخش جي پرسان ڪُرسي وڏي. اُن کان اڳ ۾ مان سرڪٽ هائوس ۾ پير وجهان, مون ڏٺو تہ هو ڪُجهہ ماڻهن سان ڳالهائي رهيو هو تنهن مون کي ڏسي چيو "اياز دعا ڪر تہ هِن ڪوُفي مان نڪران!" مون ڏٺو تہ هڪ سيءَ. آءِ. ڊيءَ جو انسپيڪٽر سرڪٽ هائوس ۾ گهڙيو. مان اندر ويس تہ ڏٺم تہ هو ايس. پي, سي. آءِ. ڊيءَ, سان ڪجهہ ڪن ۾ ڳالهائي رهيو هو. مون ايس. پيءَ کي سڃاتو جو سکر جمخانا ڪلب جو ميمبر هو. منهنجي پرسان آغا امداد ويٺو هو مون هن کان پڇيو تہ "اوهين هِتي ڪيئن؟" جواب ڏنائين تہ "قسم بہ حڪومت ڪٽايو هو تہ ايمانداريءَ سان هر فيصلو ڪجانءِ. مون عبدالحميد جتوئي سواءِ ڪنهن لب لالچ تي ضمانت تي ڇڏيو تہ مون کي سسپينڊ ڪيائون. مان ڀٽي صاحب کي چوڻ آيو آهيان تہ هي ڪهڙو انصاف آهي ۽ منهنجي خلاف آرڊر واپس ورتا وڃن." مون ڏٺو تہ ايس. پي, سي. آءِ. ڊي سهي وانگر ڪن ڪڙا ڪري هن کي ٻُڌي رهيو هو. بہ منٽ رکي, هو اُتي ويو ۽ ٿوريءَ دير ۾ موٽي آيو. ايتري ۾ وزيراعظم جو اي ڊي سي آيو ۽ آغا امداد کي چيائين تہ "ڀُٽي صاحب اوهان جو انٽرويو رد ڪري ڇڏيو آهي, اوهان ہٽي ماڻهوءَ لاءِ ڪُرسي خالي ڪريو." ۽ ٻاهر وڃي مير رسول بخش کي چيائين تہ "ڀٽي صاحب اوهان جي گورنري ختم ڪري ڇڏي, اوهين سرڪٽ هائوس مان وڃي سگهو ٿا." بقول مير صاحب, ڀٽي صاحب "ڪوفي جا دروازا" هن تي بند ڪري ڇڏيا. مير صاحب لاءِ ڪوئي ڪوفي ۾

ڄُوفو هو يانہ, اِها خدا کي خبر!

هاڻي تہ پنهنجي ڪاليج واري زماني جي يار محمود علي شاهہ بُخاريءَ جي يادگيري ٿي اچي. هو سيشن جج ٿي رٽائر ٿيو هو بدن ڳورو. مُنهن جو گورو بدن جو ڀرو چڱي ٺاٺ وارو مُڙس هو. جڏهن مان وائيس چانسلر هوس, تڏهن هن پنهنجي نياڻيءَ کي نفسيات جي شعبي ۾ نوڪريءَ لاءِ موڪليو هو. لاهہ نہ پاهہ, ڏيءَ پيءُ ٿي وَئي هئي. مون هن کي چيو تہ "جي مان آرڊر ڪري پوءِ سنڊيڪيٽ مان منظوري ٿو وٺان, تہ يونيورسٽيءَ جا اُستاد گوڙ ٿا ڪن. تون مون کي درخواست ڏئي وڃ, تہ مان توکي سنڊيڪيٽ مان منظور ڪرائي ٿو ڏيان." سنڊيڪيٽ جي ميٽنگ کان اڳ جنرل ضياءَ منهنجو ٽرم پورو ڪري ڇڏيو. مون آزاديءَ ۾ سُک جو ساهہ کنيو. زرينا کي وِي سي. هائوس جهڙو آرام ده ماحول ڇڏيندي, اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. مون ڌرتيءَ تي لت هڻي چيوتہ"تو مان منهنجي پڇر خدا ڇڏائي ۾ منهنجا نيرَ توڙي ڇڏيائين." اُن ڏينهن ڊاڪٽر مهڪري منهنجي ٻاهرين روم ۾ مون سان ماني کائي رهيو هو ۽ يوناني فيٿا غورث (Pythagoras) جو انگريزي ڪتاب Theory of numbers هُن جي هٿ ۾ هو. ڊاڪٽر چيو تہ "دل ۾ جي ٿي انگ اچنئي, سي مون کي يڪدم ٻُڌاءِ تہ مان توکي تنهنجو مستقبل ٻڌايان." مون چيو تہ "ٽي ٽي ٽي (333)." هن اهي جوڙ ڪري نوَ (9) تعداد تي ڪتاب کوليو جنهن ۾ لکيل هو تہ "تون گهبراءِ نہ, تنهنجو مستقبل هاڻي کان تمام چڱو ٿيندو ۽ توکي وڏيڪ دولت ۽ شهرت ملندي ۽ تون پنهنجو مقصد حيات توڙ تائين پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچائي سگهندين." مون هن کي چيو تہ ڪيئن بہ ٿئي, هڪ ڳالهہ يقيني آهي تہ مان توکي ڏاڍو ياد ڪندس. تو جهڙو تيز ذهين ۽ وسيع مطالعي وارو بزرگ مون کي اجا تائين نہ مليو. جڏهن هو ويو ٿي تہ مون ماليءَ کي چيو تہ "وڏي پيري مان بہ مور ڪيڍي ڊاڪٽر صاحب سان منهنجي ڪار ۾ وڃي بس تي ڇڏي آءُ!"

ڊاڪٽر مهڪري گهٽو پوءِ مظهر يوسف سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ منهنجي فليٽ تي آيو ۽ پاڻ ڪار ۾ هيٺ ويهي رهيو هو. مظهر يوسف کي مٿي منهنجي طبيعت پڇڻ لاءِ موڪليو هئائين. مظهر يوسف چيو تہ "ڊاڪٽر کي سنڌن ۾ سور آهي." مان ويجهو هارٽ اٽئڪ مان اُٿيو هوس, ۽ منهنجي چُر پُر تي بندش هئي, مون مظهر يوسف کي چيو تہ

”بہ آن گروہ کہ از ساغرِ وفا مست اند
ز ما سلام رسانید ہرکجا ہستند!“

(اُنهيءَ ٽولي کي جي وفا جي ساغر سان مست آهن، اسان جا سلام پهچايو جتي بہ آهن.)

ڊاڪٽر مهڪري 82ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو ۽ مان مسلسل بيمار هوس، ان ڪري هن وٽ وڃڻ جي حسرت رهجي وئي. مان ڏاڍو ڳوليو پر مون کي اهو فيٿا غورث جو ڪتاب، نئون يا اڏوراڻو نہ مليو سگهيو جيڪو مون کي مهڪريءَ پڙهي ٻڌايو. اُن جو هر لفظ صحيح نڪتو هو.

مون ڳالهہ تي ڪئي محمود علي شاهہ بخاريءَ جي. منهنجي ڪراچيءَ ۾ رهائش ڪان پوءِ محمود عليءَ جي ڏيءَ جو خط پهتو تہ ”بابو گذاري ويو آهي. خط اوهان جي اطلاع لاءِ ٿو لکجي.“ مون حيدرآباد ۾ هن جو گهر نہ ڏٺو هو جو اُتي فاتحہ لاءِ وڃان ها، نہ وري بيماريءَ ڪان پوءِ مان حيدرآباد وڃي سگهيو آهيان.

هڪ رات مان ۽ محمود علي شاهہ بخاري رات جو لاڙڪاڻي واهہ جي ڪَڙ وٽ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي، سائيءَ ڇپرتي، بيئر پي رهياسين، ۽ ڇهہ بوتلون بيئر جون پيتيون هيوسين. واهہ جي جهَڪين لهرين ۾ چنڊُ لُڙهي رهيو هو. نہ معلوم مون کي پاڻيءَ ۾ چنڊ ڏسي، الاجي خودڪشيءَ جو خيال ايندو آهي. مون بخاريءَ کي چيو تہ ”ڏاڪڻ تان يڪدم چڙهہ! ائين نہ ٿئي، مان پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيان.“ هو منهنجي ڪيفيت ڏسي مٿي چڙهيو. مون هُن جي اها دعوت اُن ڪري ڪئي هئي، جو هن کي سب جج مقرر ڪيو هئائون ۽ هو سکر کي الوداع ڪري رهيو هو. مٿي پهچي هن منهنجو توجهہ هٽائڻ چاهيو ۽ چيائين تہ”ممڪن آهي تہ ٻئي پيري جڏهن تون مان هتي ملون تہ مان سنڌ جو چيف جج هجان، ۽ تون سنڌ جو چيف منسٽر هجين!“ مون جواب ۾ چيومانس تہ ”اهو بہ ممڪن آهي تہ تون اغوا جي ڪيس ۾ ضامن تي ڇٽي آيو هجين ۽ مان آپگهات جي ناڪام ڪوشش ۾ ٽيپ کائي آيو هجان!“ هن وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ هن جو خمار بيئر جي خالي بوتل وانگر ٽٽي ويو. جا هُن باقي رهيل بيئر پي، اُڇلائي هئي، تہ پٿرن جي بند سان ٽڪرائجي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي وئي هئي. چنڊُ پاڻيءَ ۾ جڻ اسان تي کلي رهيو هو. اتفاق سان اسان پوءِ زندگيءَ ۾ فقط هڪ ڀيرو ملياسين ۽ هڪ رنگين رات گڏ گذاريسين ۽ اسان سان هڪ چنڊُ نہ، بہ ساڻ هئا. پوءِ هن جي موت

تائين منهنجي هُن سان ملاقات نہ ٿي. محمود علي شاهہ مون سان متفق هو تہ موت جو مؤثر دفاعُ فقط عشق آهي، پوءِ اهو مجازي هجي يا حقيقي. مان تہ پانيان ٿو تہ موت سان ڪنهن بہ منزل تي پهچ نہ آهي. گاڏيءَ جو گيئر جيئن بدلائبو آهي، ائين هن ڏور دراز ۽ وروڪڙ سفر ۾ زندگيءَ جو گيئر بہ باربار بدلجندو ئي رهي ٿو.

اهو لکي، مان وشنو ديش پانڊي جو ڪيسٽ تي گيت "ناجا پِي پرديس...!" هلائي، ننڊ ڪريان ٿو.

شڪارپور ۾ محمود علي شاهہ بخاريءَ سان گڏ ممتاز جعفري بہ سي. ايند.ايس ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ ساڳيءَ هاسٽل ۾ رهندا هئا، جنهن جو ذڪر مان پاڳي ٿئين ۾ ڪري آيو آهيان. عبد الحميد ابڙي جي ممتاز سان دوستي هئي ۽ هُن کي ڪراچيءَ ۾ ممتاز جي رهائش جو پتو هو. پهرين ممتاز لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ هو ۽ رائيس ڪئنال پرسان عمدو بنگلو ٺهرايو هئائين. پوءِ پنهجي ڪرستان زال جي اصرار تي ڪراچيءَ لڏي آيو ۽ هتي مستقل رهائش اختيار ڪيائين. هڪ پيري عبدالحميد ابڙي سان گڏجي مان هن جي جاءِ تي ويو هوس. هن خُلق سان آدر ڀاءُ ڪيو ۽ چاءِ پيئاري، ممتاز اٽڪل 80 سالن جو ٿي چڪو هو. هن کي ڏسي، مون کي لارڊبائرن جو قول ياد آيو تہ "مرد لاءِ عشق سندس زندگيءَ ۾ هڪ الڳ شيءِ آهي. پر هڪ عورت لاءِ عشق هن جو سڄو وجود آهي." ممتاز ڏاڍو لاغر ٿي چُڪو هو ۽ مان پانيان ٿو تہ هن جي زال هن جو ڏاڍو خيال رکندي هوندي ۽ هن کي زنده رکيون ٿي آئي. مون ممتاز سان پنهنجي يادگيرين جا تفصيلي نوٽ ورتا، گهر اچي اُهي ڪنهن نوٽ بُڪ تي اُتاري ڇڏيا. پر اُهو نوٽ بڪ ڍير ڪتابن ۾ ملي ويو آهي ۽ نٿو لڀي. هو لاڙڪاڻي جي مشهور شاعر نواز "علي نياز" جو فرزند ارجمند آهي، پر هن جي شاعريءَ ۾ ڪائي خاص دلچسپي نہ آهي. مون کان ڪوئي پڇندو آهي تہ "تنهنجي اولاد ۾ ڪوئي شاعر آهي." تہ مان هن کي جواب ڏيندو آهيان تہ "مان ستن پيڙهين لاءِ شاعري ڪري ٿو وڃان ۽ وصيت ڪري ٿو وڃان تہ منهنجي خاندان ۾ مون کان پوءِ ڪوئي شاعر نہ ٿئي ۽ مون وانگر زندگيءَ جي صليب بيهر نہ کڻي. ٻنيءَ کي هر ڏئي، اُن کي ڦُلاري ڦُولاري تہ اِهو قلم جي تخليق کان بهتر آهي." ممتاز گفتگو ڪندي، ڪيئي واقعا ٻڌايا، جڏهن موت کان ٽِرَ تان بچي ويو هو. جوانيءَ ۾ هڪ

پيري ڪپر نانگ هن جي پير لڳ گيسرندو نڪري ويو. هو جڏهن ننڍو هو تہ لاڙڪاڻي جي سيئو بازار ۾ هڪ گهوڙي گاڏي هن کي چيتاڙيندي نڪري وَئي. مان هن سان متفق آهيان تہ وقت مقرر کان ڪوئي بچي نہ ٿو سگهي ۽ اُن کان اڳ ۾ ڪوئي مَري نہ ٿو سگهي. مون ڪنهن جو قول پڙهيو هو تہ ”موت جوانن ڏانهن اچي ٿو ۽ پوڙها موت ڏانهن وڃن ٿا.“ ڪنهن جو پنڌ ڪڏهن ٿو کُٽي، اُهو تقدير اڳيئي طي ڪري ڇڏيو آهي. اِها ہي ڳالهہ آهي جنهن لاءِ ہوڏي پتسڪ ”ڏمپد“ ۾ تشبيهہ ڏني وئي آهي تہ ”مڇيءَ کي پاڻيءَ مان ڪڍي ڌرتيءَ تي ڦٿو ڪبو آهي تہ لُڇندي آهي، تيئن ماڻهوءَ جو مَنُ موت جي چنبي مان بچڻ لاءِ ڏاڍا مٿا مونا هڻي ٿو ۽ لوڇ ڪري ٿو.“ اِها ڳالهہ صحيح آهي، جيئن انجيل ۾ آيو آهي، تہ ”ماڻهوءَ جي پنبڻين تي موت جا پاڇاوان آهن.“ اِن ڪري زندگيءَ جو هر پل پيارو آهي. جيئن گلاب جو گُل هوندو آهي، جڏهن اُهو ڇڻي وڃي ٿو. مون ممتاز کي چيو تہ ”اسين ايترو جوان نہ رهيا آهيون، جو هام هڻي سگهون تہ اسين سڀڪجهہ ڄاڻون ٿا. پوڙهاپي اسان کي پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جي ڄاڻ ڏياري آهي. انسان ڇو مُڪڙيءَ مان گُل تي ڇڻي وڃي ٿو اِها هڪ ڳجهارت آهي، جنهن جِي پيڇڻي ڪنهن وٽ نہ آهي. مون کي عربي شاعر ابوالعليٰ معريءَ جو هڪ شعر ياد اچي ٿو تہ ”نہ منهنجي پيدائش منهنجي هٿ ۾ آهي، نہ ٻُڍاپو نہ وَهي، ڇا، اُن کان پوءِ منهنجي وس ۾ ڪائي ڳالهہ آهي؟“

اسين ممتاز سان ڪچهري ڪري موٽياسين، تہ رستي تي هڪ هوٽل ۾ عبدالحميد ابڙي اسان کي نانَ سان ڀاڄ تي پڪل چوزو ۽ ڪجهہ ٻيو کاڏو کارايو. موت تي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ کاڏي ۾ ڪيتري نہ لذت ٿي لڳي!

هاڻي وقفو ڪريان ٿو ۽ ٻاهر جو ڪجهہ سير سپاٽو ڪري ٿو اچان.

٭ ٭ ٭ ٭

شاهہ محمد پيرزادو ستار پيرزادي جو مائٽ آهي، منهنجي شاعريءَ جي انتخاب جو اُردوءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي دوست، اُردو ۽ انگريزيءَ جي مشهور اديب آصف فرخيءَ، جِي مدد ڪري رهيو آهي، تہ جئن آصف منهنجي شاعريءَ جي انتخاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهي. شاهہ محمد ستار کي چيو تہ ”سائين ڪلفٽن تي فلئٽ ۾ ڪيستائين گوشہ نشين رهندو؟ هن کي ڪڏهن ٻاهر جي هوا نہ کارائڻ گهرجي؟“ سو طي اِهو

ٿيو تہ ڊاڪٽر اِندر ڪمار پنجواڻي منهنجي ڪار ۾ مون کي هن جي گهر گلشن حديد وٺي هلندو جيڪو اسٽيل مل جي ويجهو ۽ منهنجي فليٽ کان پنجيتاليهہ ميل پري ڀرواڙيءَ ۾ آهي. شاهہ محمد کي اهڙي جاءِ نہ آهي، جتي اسان کي ويهاري. ڪجهہ وقت کان پوءِ خالد مخدوم آيو جنهن جو مرحوم پيءُ عبدالوالي مخدوم، زرينا جي مامي شيخ واجد عليءَ جو جونيئر هو ۽ پوءِ سب جج ۽ سيشن جج ٿي رٽائر ڪيائين. خالد مخدوم ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ زاهد مخدوم، جو آمريڪا ۾ آهي، منهنجيءَ شاعريءَ جا مداح آهن. خالد کي تہ منهنجي ڪيتري شاعري ياد آهي. شاهہ محمد پيرزادي وٽان اسين خالد مخدوم جي بنگلي تي وياسين، جتي ڪجهہ موسيقار گهرايا ويا هئا، جن منهنجو ڪلام ڳاتو. هڪ تہ منهنجو بيحد مترنم نظم هو "ٽر ۾ ڪهڙا ٽاڪ ٽڪن جا، ٽر ۾ ڪهڙا ٽاڪ." شاهہ محمد ماني بہ خالد جي گهران گهرائي وٺي. ٻيا بہ اُتي منهنجا ڪافي مداح هئا. گلشنِ حديد ۾ ڀرواڙي، ننڍيون ٽڪريون، ۽ چوڌاري خاموشي هئي. مون کي پنهنجي ڪلفٽن تي فليٽ ياد آئي، جنهن هيٺان ٽين بجي رات تائين زبردست ٽرئفڪ آهي. بسون، ٽرڪون، رڪشائون، اسڪوٽر، ايتري ٽرئفڪ مون يوريءَ لنڊن ۾ ڏٺي هئي، جتي ماٿهو انڊر گرائونڊ "ٽرين ٽيوب" ۾ايندا ۽ ويندا هئا. ماسڪو ۾ بہ زير زمين تي ٽرينون ساڳئي وقت هڪ اسٽيشن تي ايندڙيون هيون ۽ بہ منٽ رکي روانيون ٿينديون هيون، ۽ يڪدم ٻيون تي ٽرينون اچي ينديون هيون. بس ٽرئفڪ فقط اُتان تي شروع ٿِي، جتي ٽرينون تي بيٺيون. بسون مسافر کڻي ماسڪو جي مضافات ڏانهن وينديون، جا سٺ ميل ڏگهي آهي. زندگيءَ جي شور و غل کان پري خاموشي ڪيتري نہ پُرسڪون هئي! تنهائيءَ جهڙو دوست ڪوئي نہ آهي، ۽ خاموشيءَ جهڙي ڪا گويائي نہ آهي.

شام جو سنڌي ادبي سنگت ۾ وٺي هليا، جتي مون بہ ڪلاڪ تقرير ڪري، اُتي ڪني ٿيل اديبن کي ٻڌايو تہ "اڳي منهنجِي سچ، سونهن ۽ چڱائيءَ سان وابستگي هئي، پر پوءِ مون ڏٺو تہ ڪلهہ جو سچ اڄ جو اَسچ آهي، ڪلهہ جي چڱائي اڄ جي برائي آهي ۽ اڄ جو اَسچ سڀان جو سچ آهي، ۽ اڄ جي برائي سڀاڻي جي چڱائي آهي. سچ ۽ چڱائيءَ کي ڪائي پائيندگي نہ آهي. اِن ڪري مون پنهنجي آرٽ کي سُونهن جي رچنا تائين محدود رکيو آهي. حسن جي تخليق کي پائيندگي آهي، جا هِن بيچينيءَ جي دنيا ۾ من

ڪي چَين بخشي ٿِي. اُن جو پنهنجي حال سان تمام ٿورو واسطو آهي ۽ اُها ازلي ۽ ابدي حقيقت سان واسطو رکي ٿي. ڪاليداسَ، وڪرماجيت دؤر ڏانهن ڪوئي اتفاقاً اشارو ڪيو هجي، پر مون کي نظر نہ آيو آهي. شيڪسپيئرُ، جي فقط ايلزبيٿ جي دؤر جي عڪاسي ڪري ها تہ انگريز امپيريلزم جو شاعر ٿئي ها، جيئن ڪِپلنگ پوءِ ٿيو. ايليزبيٿ جي دؤر هُن جي ڊرامن کي پس منظر ڏنو پر انهن ۾ اُهي ازلي ۽ ادبي حقيقتون چِٽيون ويون آهن، جن جو اظهار اڃا تائين روح ۾ گونجي رهيو آهي. ساڳي ڳالهہ گوئٽي، بودليئر، ليوپارڊيءَ (جو اطالوي انقلابي گئري بالڊيءَ جو دوست هو)، ۽ برصغير ۾ غالب جي باري ۾ چئي سگهجي ٿي، جن جي ورلي ڪنهن سٽ ۾ پنهنجي دور جي عڪاسي آهي. ”شهر آشوب“ جي باري ۾ شاعريءَ ۾ ڪنهن جي دلچسپي نہ رهي. هي غالب جو فارسي شعر ڏسو. ڪيترو نہ خوبصورت ۽ بامعنيٰ آهي:

*راه زین دیده وران پُرس که در گرم روی*
*جاده چوں نبضِ تپاں در تنِ صحرا بینند.*

(رستو اُنهن ديده وَرَن کان پڇو جي پنهنجي رفتار جي گرميءَ ۾ هڪ تتل نبض وانگر ڊگ کي صحرا جي تن بدن ۾ ڏسن ٿا.)

اِن جو ڪنهن خاص دؤر سان واسطو نہ آهي.

ساڳيءَ طرح شاهہ لطيف جي دؤر ۾ نادر شاهہ سنڌ ۾ ڪوس ڪرايو ۽ ان کان ٿورو اڳ پورچوگيزن ٺٽي کي باهہ ڏني. لطيف، جا دک درد ۽ پيڙا پنهنجي دؤر ۾ ڏٺي، اُها هُن جي روح ۾ سيمو ڪري وئي، جئن بارش جو پاڻي زمين ۾ هليو ويندو آهي، ۽ اُتان ڪنهن جهرڻي جي صورت ۾ نڪري ايندو آهي. سُر يمن ڪلياڻ ڏسو تہ اُن دؤر جي پيڙا ڪهڙي نہ خوبصورت انداز ۾ پٿائيءَ ۾ اُڀري آئي آهي:

ڪانارئا ڪُڪن، جنين لوهہ لڳن ۾،
محبت جي ميدان ۾ پيا لالَ لُڇن،
پاڙهہ ٻڌن پٽيون، پاڙهہ چِڪئا ڳن،
وتان واڍوڙن، رهي اڇجي راتڙي

رهي اڄجي راتڙي، تن واڍوڙن وَٽاءِ،
جِن کي سُور سرير ۾، گهٽ منجهاران گهاءَ،
لِڪائي لوڪاءَ، پاٽُهہ ٻڌن پٽيون.

—

اَڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهہ، واڍوڙڪي مَنهين،
جي پُڻ پيئن منجهہ، هو پِنيون، هو پٽيون.

—

سدا آهي سُور جي، واڍوڙن وائي،
جيڪا آتن مَن ۾، سَلن نہ سائي،
اوڙَڪ اُهائي، ڳوليو لهن ڳالِڙي.

—

سَگهن سُڌ نہ سُور جي، گهايل ڪئن گهارين،
ڀِٽَل پاسو پَٽَ تان، واڍوڙَ نہ وارين،
پَر ۾ پچن پريءَ لئہ، هَئي! هنجون هارين،
سجڻ جي سارين، تِن رويو وهامي راتڙي.

—

پاڙي نانهہ پروڙ تہ ڪا رات رنجائي گذري.

—

جڏهن هن جي سَهَن شڪتيءَ جي انتهائي ٿئي ٿي، تڏهن هو رڙ ٿو ڪري:

مُنيس، جهل مهار ڪُنيس، ڪاهہ مَر ڪرهو!

ڀٽائيءَ سڌيءَ روءِ سنڌ جي باري ۾ هڪ سٽ هيئن بہ لکي آهي:

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌُ سُڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

پر اِن ۾ بہ ڪابل ۽ قنڌار وغيره دنيا جي جاگرافيءَ جو جيستائين پتو هو هر ملڪ لاءِ دعا ڪئي اٿائين.*

* هتي بہ اياز فن ۽ حسن بابت ورجاءَ ڪان ڪم ورتو آهي، جو سندس اسلوب جو خاصو آهي ۽ واقعاتي دُهراءُ آهي. (ت.ج)

ٽئگور پنهنجي شاعريءَ ۽ ناولن ۾ انگريز سامراج جي دؤر جو اڻ لکو پس منظر ڏنو آهي، پنهنجي ديس جو نالو بہ نہ ڪنيو اٿائين ۽ چيو اٿائين: "اي ڌڻي! منهنجو ديس اَمن ۽ آزاديءَ ۾ اُٿي!" "غالب" ۾ انسان جي پيڙا جو ذڪر هيئينءَ ريت آهي:

*قید حیات و بند غم اصل میں دونوں ایک ہیں*
*موت سے پہلے آدمی غم سے نجات پائے کیوں؟*

مون اُتي سامعين کي ٻڌايو تہ روس جي عظيم ناول نويس، پاسترناڪ، جو روسَ جي تالان والان ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ زنده آهي، پنهنجي نوبيل پرائيز وِنرناول "ڊاڪٽر زواگو" ۾ چيو آهي: "اسان ڪنيو حسن ۽ عشق، زندگي ۽ موت، ازل ۽ ابد، باقي دنيا بدلائڻ جو سوداءُ نندن ماڻهن لاءِ ڇڏيو آهي."

مون ڪين چيو تہ دنيا کي سياستدان، مُدبر، سائنسدان ۽ ملٽري آفيسر بدلائي ٿا سگهن. دنيا جي اديبن فرانڪو خلاف انٽرنئشنل برگيڊ ناهي، جنهن ۾ روسي مفڪر، ڪرسٽافر ڪاڊويل، فرانس جي آرٽ جي نقاد ۽ ناول نويس، آندري مارلو ۽ مشهور انگريز ناول نويسن، جارج آرويل ۽ ڪرسٽافر اشرووڊ ۽ مشهور شاعرن آڊن ۽ اسٽيفن اسپينڊر ۽ نوبيل پرائيز وِنر آمريڪي ناول نويس، هيمنگ وي، وڏي وڏي، ٻهرو ورتو ۽ پنهنجي علم ۽ عمل سان فرانڪو جي شڪست ڏيڻ لاءِ جدوجهد ڪيائون. شاعرُ انگريز اسٽيفن اسپينڊرُ ايترو مقبول هو جو سرفروش سولجرن انقلابي مقابلي ۾ بندوق سان فائرنگ بہ ٿي ڪئي ۽ هن جي شاعريءَ جو ڪتاب بہ ٿي پڙهيو. پر جمهوريت پسندن جي شڪست ٿي ۽ ٻيءَ جنگ عظيم ۾ مسولني ۽ هٽلر بہ ماريا ويا. پر فرانڪو چاليهارو سال اسپين تي حڪومت ڪندو رهيو ۽ جنگ جي پس منظر ۾ اُنهن ئي تحريرن کي پائندگي ملي، جن ۾ حسن جي تخليق کي اوليت ڏني وئي آهي. مون هنن کي ٻڌايو تہ منهنجي شاعريءَ ۾ وابستگي تخليقِ حسن سان آهي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ منهنجو ماحول بہ آزاديءَ جي جنگ جي پس منظر ۾ آهي.

هر شاعر ڪنهن معاشري ۾ ضرور رهي ٿو ۽ اُن جي، فرد جي حيثيت ۾، ڪنهن سياسي رهبرَ، جماعت يا نظريي سان وابستگي رکي سگهي ٿو پر جي هو پنهنجي شاعريءَ کي اُن رهبر، جماعت يا نظريي سان واڳي ڇڏيندو

تہ اُنهن جي تفصيلي ڪردار ۾ ڳالهين مان يا تہ بيزار ٿي پوندو يا اُنهن جي موت کان پوءِ هن جي شاعري بہ مري ويندي. مون هنن کي فردِ واحد سان وابستگيءَ جو مختصر مثال ڏنو. مرحوم حبيب جالب، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جو مداح هو. مون سان گڏ جڏهن ڪراچي جيل ۾ مير رسول بخش، سابق گورنر سنڌ، ساڳئي سيل ۾ قيد هو تڏهن هُن رڙ ڪري، حبيب جالب جو شعر پڙهيو:

جنگ کو تیز کر ذوالفقار علی
رات ہے مختصر اب ڈھلی ڈھلی

۽ پوءِ هن مون کي چيو "اِهو هن دؤر جو عظيم ترين شعر آهي!" اُنهيءَ ساڳئي حبيب جالب ڪجهہ سالن کان پوءِ اِئين بہ چيو:

لاڑکانہ چلو!
ورنہ تھانے چلو!

اهڙيءَ طرح جماعت سان وابستگي اُن وقت بي معنيٰ ٿي ويجي ٿي، جڏهن اُها جماعت پنهنجو نصب العين حاصل ڪري ٿي. مثال طور مون هنن کي چيو تہ پنهنجي دؤر جو عظيم قوم پرست شاعر چڪبست، جو ڪانگريس سان وابستہ هو آزاديءَ کان پوءِ اُن جي مٿين شاعري بي معنيٰ ٿي. مولانا ظفر علي خانُ، جو مسلم ليگ سان وابستہ هو پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ بي معنيٰ ٿي ويو ۽ جيتوڻيڪ مسلم ليگ ٻيهر اقتدار ۾ آئي، تڏهن بہ هن جا فقط ہہ غير سياسي شعر اديبن کي ياد آهن.

نظريي سان وابستگيءَ جي ڳالهہ ڪميونزم ٿهلائي آهي. 1917ع کان وٺي اُنهيءَ نظريي سان سوين وابستہ اديب پيدا ٿيا، جن ۾ لينن پيس پرائيز ونرَ بہ هئا ۽ اسٽالن پيس پرائيز ونرَ بہ هئا. روس ۽ دنيا ۾ تہ انقلاب کان اڳ وارا اديب زنده آهن يا انقلاب کان پوءِ سولزي نتسن ۽ پاسترناڪ زنده آهن، جي انقلاب جي خلاف بہ هئا. نظرياتي وابستگيءَ وارن اديبن جا ڪتاب، يو.ايس. ايس. آر جي ٽٽڻ کان پوءِ جهاز ڀري ڊئنيوب نديءَ ۾ اُڇلايا ويا.

مون سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ وڏيڪ چيو: "اوهان اُتي آهيو جتي مون اوهان کي پنجاه سال اڳي "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" لکي، ڇڏيو هو. مان هينئر بنا جهجهڪ جي اوهان کي

چوان ٿو تہ آرٽ آرٽ لاءِ آهي ۽ مقصد باالذات آهي، ۽ اُهو زندگيءَ جو دُمڇلو نہ آهي.“ مون هنن کي چيو تہ آرٽ ۽ شاعريءَ جو مقصد خودشناسي ۽ خداشناسي آهي. ”خدا“ مان هن زندگيءَ جي ازلي قوت کي چوان ٿو جنهن ڪُن فيڪون (Big bang) چئي، هڪ آٽي مان هيءَ ڪائنات تخليق ڪئي. خود شناسيءَ کان سوا خداشناسي ناممڪن آهي. لفظُ ”خودشناسي“ مون ڀٽائيءَ جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي، جنهن چيو آهي:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نہ ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سُور هُئا.

جرمن فيلسوف شوپنهار پئرس ۾ هڪ باغ ۾ ويٺو هو ۽ گلن جي تاريءَ کي جهڪائي ڪجهہ پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. ماليءَ ائين سمجهيو تہ هو گُلن سان ڳالهائي رهيو آهي ۽ هن کان پڇيائين تہ ”اوهين ڪير آهيو؟“ شوپنهار کيس چيو تہ ”موسيو! جي تون مون کي ٻڌائي سگهين تہ مان ڪير آهيان، تہ مان سڄي عمر تنهنجو ٿورائتو رهندس.“

مون وڌيڪ چيو تہ ”غني ڪاشميريءَ نالي هڪ ڪشمير جو فارسي شاعر ۽ اهل الله هو. هو گهر ۾ هوندو هو تہ ٻاهران تالو ڏياري ڇڏيندو هو. جڏهن گهر کان ٻاهر ويندو هو تہ دروازو کليل ڇڏي ويندو هو. ڪنهن کانئس پڇيو تہ ”هيءَ ڪهڙي ڳجهارت آهي؟ تون گهر ۾ آهين تہ ٻاهران تالو ڏئي ٿو ويهين ۽ جڏهن ٻاهر وڃين ٿو تہ دروازو کليل ڇڏي وڃين ٿو!“ غنيءَ جواب ڏنو تہ ”هن گهر ۾ قيمتي شيءِ مان ئي تہ آهيان.“ انهيءَ لاءِ ئي ڀٽائيءَ چيو آهي:

”پنهنجو پاڻ سڃاڻ، آٽي قيمت سندو قطرو.“

جي ان ڳالهہ کي اوهان رجعت پسندي چئو تہ اُها مهاوير ۽ ٻڌ کان وٺي ڪبير ۽ ميران ٻائيءَ تائين پُراڻي آهي، ۽ مون کي فخر آهي تہ مان ان سلسلي جي ڪڙي آهيان. چو تہ هنن موت ۽ زندگيءَ جون بنيادي حقيقتون ڄاتيون هيون. مون کي چيو ويو تہ اڄ آرتوار آهي ۽ انڪري ”رپورٽر“ ڪوبہ نہ آهي. مون ان تي چيو ”پوءِ تہ ڏاڍو چڱو.“ پر هڪڙي شخص پنيان ويٺي

منهنجي تقرير لکي ۽ ويهارو سٽون ٻن ڪلاڪن جي تقرير جي باري ۾ اخبارن ۾ آيون! اڄ 12 نومبر تي حيدرآباد جي هڪ نوجوان صحافيءَ، شاعر ۽ نقاد پنهنجي مضمون ”سَرءُ جي شام“ ۾ ڇپيو آهي: ”ڇا، مان ڏيئو۔ ٻاريان؟“ فقط اهو صحافي آهي، جو مختصر خبر پڙهي بہ، منهنجي روح تائين رسائي حاصل ڪري سگهيو آهي.* مون کي اُهو مضمون ڪافي وٽيو ۽ اڳي هن تي جو رنج هو سو بہ لهي ويو. ۽ نہ وڏ ڪا شڪايت رهي:

”هي اڄ چاڄ چاڙو هي بي سمجهہ سمجهو،
پريءَ بزم ۾ مون اڪيلو گذاريو!“

مان اُن مضمون مان هن جا آخرين ٽُڪر ڏيان ٿو......

”اُهي ماڻهو ڪنوارا رهن ٿا، جن جا وهاڻا اڌ خالي رهن ٿا ۽ اڌ ننڊ ۾ پاسو ورائيندي ڪَٽ جي ٻانهين اُنهن جي دل ۾ ڏک هٽي ٿي. اُنهن کي مادي ڪاميابيءَ جي جستجوءَ سان گڏ، پنهنجون ڪجهہ گهڙيون اُنهن راهن جي نالي بہ ڪرڻ گهرجن، جيڪي راهون شبنم جي دنيا سان شروع ٿين ٿيون ۽ شبنم جي دنيا تي ئي ختم ٿين ٿيون، جن تي جاپاني شعر رهنما ستارن وانگر چمڪن ٿا. اهي ڪچهريون بلڪل بي معنيٰ لڳن ٿيون، پر پوءِ بہ اُهي بي انت آهن. محبت لاءِ وقت ڪيو، انتظار لاءِ وقت ڪيو، ڇو تہ اِهي لاڙا زندگيءَ جي حسن ۾ اضافو ڪن ٿا. اياز جي اها پارت ياد رکو. محبت کان سواءِ تصور انتهائي ٿُتو ۽ ڦِڪو آهي. محبت کان سواءِ زندگي خواب آور گورين جي ننڊ جهڙي آهي. محبت کان سواءِ زندگي اُن آڪيري جهڙي آهي، جنهن جو پکي اُڏامي ويو هجي......“

آصف فرخيءَ جي اُردوءَ ۾ منهنجي جنم ڏينهن تي تقرير، جو ڪراچي ريلوي انسٽيٽيوٽ ۾ ملهايو ويو ۽ جنهن جو سنڌي ترجمو ولي رام ولڀ ڪري چُڪو آهي، اُهو ترجمو ۽ اعجاز منگيءَ جو مضمون پڙهي، مون کي ”تحسينِ ناشناس ۽ سُڪوتِ سُخن شناس“ جي شڪايت نہ رهي. اُهو سارو مضمون 12 نومبر 1997ع جي روزنامي ”سنڌ“ ۾ ڇپيو آهي ۽ پڙهڻ جهڙو آهي. اُهو پڙهي، مون کي هڪ سوال دل ۾ آيو تہ ”ڇا، مان ڏينهن جي تيز تپت

* اعجاز منگيءَ جو مضمون، جنهن اڳ ۾ هڪ مضمون ۾ اياز کي رنجايو هو، پر اُن جي ”تازي مضمون جي اياز ساراهہ ڪئي آهي. (ت.ج)

وساري، سنجها جو ڏيئو ٻاري سگهان ٿو؟ ڇا، مون کي ايتري مهلت آهي؟ اربندو گهوش ڪيتريءَ عمر ۾ پنهنجي ڪتاب "Life Divine" جا ٻہ حصا لکيا هئا ۽ ڪيتريءَ عمر ۾ پانڊيچريءَ ۾ آشرم ناهيو هئائين؟ بهرصورت اهو ظاهر آهي تہ دنيا جي عظيم آرٽسٽن، ڊراما نويسن، ناول نويسن، پنهنجي دؤر جي پس منظر ۾ اُهو ڪجهہ تخليق ڪيو آهي، جنهن کي پائندگي آهي. ڪاليداس، ودياپتي، ڪبير، ميران ٻائي، ڀٽائيءَ، ٽئگور، حافظ، رومي ۽ سعدي، هومر ۽ ورجل ۽ ليوپارڊيءَ، گوئٽي ۽ شلر، بودليئر ۽ رامبوءَ، غالب، سئفو کان وٺي جپاني هائڪوءَ تائين، جو ڪجهہ لکيو ويو آهي، اُن ۾ حسن جي تخليق کي اوليت آهي. وڏا آرٽسٽ، ليونارڊو ڊاونچي، مائيڪل انئجلو وان گوگ، پڪاسو ۽ ٻيا ڪيئي آرٽ جي مختلف اسڪولن سان وابستہ هئا، تن حسن جي تخليق کي پنهنجو مقصد حيات سمجهيو هو. ساڳيءَ طرح ڊراما نويس شيڪسپيئر، لورڪا ۽ يوجين اونيل وغيره، اُنهن مقصد تي جهڙو توجهہ ڏنو آهي، ۽ ناول نگارن ۽ افسانہ نگارن، ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪيءَ ۽ چيخوف کان وٺي هيمنگ وي ۽ سمرسيٽ مام تائين اُهي تخليقون پيش ڪيون آهن، جن جو حسن ابد تائين زنده آهي.

❊ ❊ ❊ ❊

وقفو ختم، شبنم جي دنيا کي ڇڏي، اڳتي زندگيءَ جي تيز تپت ڏانهن وڃان ٿو:

ڇا ڇا نہ ڏاتوري جا ڏينهن ۽ گهنڄڪر مون ڏٺا آهن وڪالت جي زندگيءَ ۾! هڪ چاچو پاڻيو وڏا مقدمي باز هوندا هئا. هو مقدما ائين وڙهندا هئا جيئن ٻار لغر ويڙهائيندا آهن. نيٺ جڏهن هِن چاچي جي اچي پُني ۽ هو موت جي بستري تي پويان پساه کڻي رهيو هو ۽ هن جي گهر جا ڀاتي روئي رهيا هئا ۽ مٿن تي قرآن کڻي بيٺا هئا، تڏهن چاچي پاڻيءَ کي وصيت لاءِ گهرايو ۽ هن کي چيو "پُٽ! مان وڃڻ وارو آهيان، موت منهنجي لاءِ ٻيڙي جهلي بيٺو آهي، توکي پوئين وصيت ٿو ڪريان تہ دشمن سان اُٽيتاليهہ پيرا ڪيس ڪجانءِ. پر جي اُٽيتاليهہ پيرا ئي هارائين، تہ هن تي چاليهون ڪيس نہ ڪجانءِ." جڏهن پاڻيءَ ڪنڌ ڌوٽي هائو ڪئي، تڏهن چاچي اکيون ٻوٽيون ۽ هو وڃي آخري عدالت ۾ پهتو. هن هر دشمن تي ڪيئي ڪيس ڪيا. سؤ کن هن جا ڪيس مون هلايا. هو هر جج ۽ مئجسٽريٽ

سان سازباز ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ ”رشوت ڪارائڻ جهڙي ميزباني ۽ ڪائڻ جهڙي مهماني ڪائي نہ آهي.“ هُن اُن مقدمي بازيءَ مان ڪافي ہني ورتي. هڪ ڀيري ہنيءَ تي ٽانگي تي ٽي ويو تہ هن جي دنگئي زميندار هن کي روالور جي گولي هڻي، هُن جي زندگيءَ جو فائيل هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيو.

سيٺ ڪانتي راءِ (هن ڪيس ۾ مون ڪردارن جا نالا ڄاڻي واڻي بدلايا آهن) رنگ جو ڳورو سکر جو ڏوتي بند پلاوٽو هو. سياري ۾ ڪاڏيءَ جي ٽوپي پائيندو هو. سارو سال ڪيس پيرن ۾ پلاسٽڪ جو اڇو چمپل هوندو هو. مرحوم عبدالستار پيرزادي چيف منسٽر سُوڏا، اناج هن جي ذريعي وڪڻندا هئا. معلوم نہ آهي تہ هو پيسا ٻاهر موڪليندو هو يا نہ، پر جڏهن مان ڪيس جي في ڳالهائيندو هومانس تہ هو چوندو هو تہ ”مون وٽ ايترا پئسا آهن ڪٿي؟ چوين تہ پاس بُڪ ڏيکاريانءِ.“ مون کي اُن گهڙيءَ اِها خبر هئي ۽ هن کي بہ خبر هئي تہ مون کي خبر آهي تہ هُن درياهہ ۾ مڇي مارڻ جا ٺيڪا ڪيئي کنيا هئا ۽ ہئي هر ڏنڌي مان لکها رپيا ڪمايا اٿائين.

هڪ ڀيري ڳالهين ڪندي هو مون کي چئي ويٺو هو ”ڪَڏَ؟“ ”جيءَ سَڏَا!“ مون هن کي چيو تہ ”حقيقت تہ اِها آهي تہ ”سَڏا؟“، ”جيءُ ڪَڏَا!“ ڪَڏَ جو سڏ اٿل آهي، پوءِ ڪنهن کي اڳ ۾، ڪنهن کي پوءِ. تون ڇا سُرڳ ڏام ۾ ٽرئولر چيڪَ ٺهرائي ويندين؟“ پوءِ هن مون کي ڳراٽڙي پائي چيو تہ ”منهنجي ڪڏ ۾ تہ تامي جا ٽَڪا آهن، تون تہ فيءَ ۾ سونَ جا سِڪا ٿو گهرين! مون مان نہ ڪمائہ تہ ڇا! مان آسيس ڪندو مانءِ تہ تو تي سِڪن جو مينهن وسندو. فِيس وسار آسيس ڪٺُا!“

ڪانتي راءِ جو پڳ مٽ يار سيٺ رانول داس ڇاليهارو ورهين جو هو. هو قد جو ڊگهو ۽ رنگ جو سانورو هو ۽ جنهن ناريءَ کي ڏسندو هو، تنهن کي مَنڊي ڇڏيندو هو. ڪانتيءَ جو وڏو پُٽ هندستان ۾ هو ۽ هن جي جوءِ بہ ٽي مهينا اڳ پيءُ ماءُ، سُس سهَري سان ملڻ لاءِ سکر آئي هئي. رانول داس پارت تي ويو سو ڪانتي راءِ چيس تہ ”منهنجي نُنهن کي ساڻ وٺندو وڃ!“ ڪانتي راءِ جي نُنهن، جا مون ڏٺي هئي، ڏنگيءَ سونَ وانگر جهلملائيندي هئي. برسات ۾ رابيل جهڙا ملايم ڳل ۽ ڪونج جهڙي ڳچي، رَس گلي جي رنگ واريون ٻانهون. ڪانتي راءِ کي الاجي ڪيئن پتو پيو تہ رانول داس هن جي نُنهن کي ڪئنٽ اسٽيشن پرسان هوٽل ۾ ساڳئي ڪمري ۾ رهايو هو ۽ هُن

مان وَٺَ ڪئي هُئي، ۽ ٻئي ڏينهن تي ٻئي گڏجي هوائي جهاز ۾ پارٽ ويا هئا! هِن ڪراچيءَ وڃي اُنهيءَ هوٽل مان تصديق ڪئي تہ هو برابر رات جو رهيا هئا. ڪانتي راءِ جي پُٽ کي بہ رانول داس جي چال چلن ۾ شڪ پوندو هو. هو صبح شام ڪوئي نہ ڪوئي بهانو ڪري هن جي گهر ايندو هو ۽ جي ڪانتي راءِ جو پُٽ ڏنڊي لاءِ نڪري ويندو هو تڏهن بہ رانول داس هُن جي گهر رهي پوندو هو ڇو تہ هن جي زال ڪيس روڪي، چوندي هئي تہ "ڀائو! منجهند جي ماني ڪائي پوءِ وڃو."

سيٺ ڪانتي راءِ مون وٽ آيو ۽ ڀهريون ڀيرو فراخدليءَ سان في آڇيائين تہ "پُٽ، مون کي رانول داسُ ڪيئن بہ جيل ۾ رکائي ڏي!" پوءِ مون کي ساري ڳالهہ ٻڌائي چيائين تہ "پُٽا! هيءَ غيرت جو معاملو آهي، ڪيئن بہ ڪري پلئہ ڪري ڏي!" هندو ڪارو ڪاري ڪري تہ ڪونہ ماريندا هئا، هنن لاءِ مقدمي بازي وڏي شمشير زني هوندي هئي. مون هن کي بي ڏيانيءَ سان چيو تہ "تون ننهن کي گهرائي هُن کان فرياد ڪراراءِ تہ اسين فرسٽ ڪلاس جي گاڏي ۾ اڪيلا هئاسين ۽ گاڏي سانگهيءَ جو ڦاٽڪ ٽپي تہ مون کي هُن هٿ وڌا، ۽ زوريءَ زنا ڪئي، ان تاريخ ۾ ريلوي وارن کان اهڙو بيان ٺهرائي ڇڏ!"

"پُٽا! تون تہ مُنهنجي مُنهن تي دانگي ٿو ملين! مان پنچايت ۾ ڪهڙو منهن ڪڍي سگهندس؟"

پوءِ ڪجهہ سوچي مون کان پڇيائين، "رانول داس منهنجي نُنهن کي رات جو ائين ڇڏي ڏنو هوندو! تو تہ منهنجي ننهن ڏٺي هئي؟ چڙ تہ مال پُڙو هئي مال پُڙو، مِنو ۽ گِهہ ڳڙندو!" مون ميز تان ڪنڌ ڪڍي هن ڏانهن حيرت مان ڏٺو ۽ سوچيو تہ "ڇا هن جو پنهنجي نُنهن سان رستو تہ نہ هو؟" هو ٿورو هبڪيو ۽ چيائين تہ "هن تي نڳيءَ جو ڪيس ٿا ڪريون، وَهيءَ ۾ هوبهو هن جهڙي صحيح هيٺان ڪرارائي، مٿان منشيءَ کان لکارايان تہ هن مون کان ويهہ هزار رپيا انهيءَ بهاني تي ورتا تہ فلاڻيءَ ديهہ ۾ فلاڻي جاگيراڻي بروچ کان گڏ زمين ٿا وٺون." مون کيس چيو تہ "ٻيو ڪوئي وڪيل ڪري، اهي ڪُوڙا ڪيس ڪري ڏس، پر ٿيندو ڪجهہ بہ ڪونہ." پوءِ ٻئي ڪنهن وڪيل سان مشورو ڪري ڪيئي نڳيءَ جا فوجداري ۽ سول ڪيس هن تي ڪيائين، پر ٿيو ڪجهہ بہ رانول داس کي نہ. رڳو پوليس هن تي ڪيس چالان ڪيا، هر ڀيري رانول داس گرفتاريءَ کان اڳ ضمانت ڪرائي ورتي.

هڪ پيري پوليس رانول داس کي قلم 357 پ پ ڪ هيٺ گرفتار ڪيو ۽ ڪانتي راءِ مون وٽ ڪلندو آيو ۽ چيائين تہ "پُٽ! هيل تہ "پنهنجي ڪَئِي ڳچيءَ پَئي" ڪنهن هاريءَ کي جهيڙي ۾ بندوق هنئي اٿائين. پوليس هن کي گرفتار ڪيو آهي، هاڻي تہ فريادي‍ءَ پاران وڪالت نامن وجهندين؟ فريادي‍ءَ سان منهنجو ڪوئي واسطو نہ آهي، پر ڪيس تہ رانول داس تي آهي، انڪري ڪيس سان تہ واسطو آهي!"

مون هن کي وڪالت نامن ڏنو جڏهن تہ هو فريادي‍ءَ ڪان آڳوٽو وٺي آيو جو مون ڪيس ۾ داخل ڪيو. جڏهن فريادي ۽ شاهد هليا، تڏهن مون کي ٿورو شڪ پيو پر فريادي‍ءَ کي ڄنگهن ۾ ڇُرا لڳا هئا ۽ شلوار مٿي ڪري مئجسٽريٽ کي ڏيکاريائين. هن کي پٽيون بَدّل هيون، مئجسٽريٽ کي خود شڪ پيو تہ فقط پٽيون بدّل آهن. هن فريادي‍ءَ جي پٽي کولائي، پر فريادي‍ءَ کي واقعي ڇُرا لڳا هئا ۽ پٽي‍ءَ لاهڻ سان ڪچا ٽانڪا پٽجي ويا هئس ۽ هن جي رتُ وهي آئِي!

رانول داس کي مئجسٽريٽ ڇهہ مهينا ٽيپ ڏني. جڏهن سزا خلاف اپيل بہ رد ٿي وئي، تڏهن ڪانتي راءِ ڪلندو آيو ۽ چيائين، "پُٽ، پلئہ ٿي ويو رانول داس جي اپيل بہ رد ٿي ويئي."

مون ڪانتي راءِ کي چيو تہ "مون کي اجا بہ شڪ ٿو پوي تہ اها ڪائي تنهنجي سازش هئي." هن ٺهڪ ڏئي چيو "هن منهنجي عجت (عزت) لاٿي هئي، مان بہ عجت لاٿي مانس. ڪيس برابر ڪوڙو هو. مون جڏهن هڪ مسلمان دنگئي زميندار سان صلاح ڪري چيو تہ "پيڙسان! رانول داس تي ڪوئي ڪيس ئي نہ ٿو بيهي پندرهن ويهہ هزار وڪيلن ۽ پوليس تي خرچي چُڪو آهيان، پر نتيجو ڪجهہ بہ نہ نڪتو آهي!" اِن تي وڏيري جواب ڏنو "مارايانس، ڪيس تي خرچ تون ڪجانءِ" اِن تي مان وڏيري کي چيو "نہ بابا، خون نہ ڪرائڻو آهي. بيو ڪو ڪيس ٺاهينس." وڏيرو بہ پراڻو سازشي منصوبي باز هو تنهن مون کي چيو "چڱو ڪجهہ چَپ ڏئي ٽا چڏيونس. هاڻي تون هيئن ڪر! ڏامر جو خالي ڊرم هٿ ڪري اُن جي وچ ۾ لوهر ڪان ايترو سوراخ ڪراءِ جو ماڻهوءَ جي ڳچيءَ ۾ اچي وڃي!" مون وڏيري کان حيران ٿي پڇيو تہ "اِن مان ڇا ٿيندو؟" وڏيري چيو تہ "مان اهو ڊرم هڪ هاريءَ جي ڳچيءَ ۾ وجهي، هڪ نالي بندوق مان ڪارتوس جو فيئر ٿو

ڪرايان، جيئن ڪجھہ ڇرا فقط هن جي ٽنگن تي لڳن ۽ ٻيا ٻرم تي لڳن. پوءِ هن تي خون جي ڪوشش جو ڪيس قلم 307 پ پ ڪ هيٺ ڪنداسين. سبب پاڻيءَ جي واري تي تڪرار ٿا ڏيکاريون. مون اڳ بہ اهڙا ڪيس ڪيا آهن. يا ڇئين تہ هاريءَ جي ڪلهي وٽ ڇڪ ڏئي، اُن کي تڪيءَ ڪاتيءَ جو ڇهہ ٿا ڏيون، ۽ ايف. آءِ. آر ٿا لکايون تہ رانول داس پنهنجي هاريءَ کان کهاڙي کسي دنگئي زميندار جي هاريءَ کي کهاڙيءَ جو ڌڪ هنيو! فرياديءَ ۽ شاهدن تي تون رڳو خرچ ڪجانءِ، باقي مون تي ڇڏي ڏي.“

مون هن کي چيو تہ ”ڪورٽ اِنهيءَ ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪندي تہ واڻئي کهاڙي هنئي. ٻهريون ڪيس پلو بہ آهي ۽ ڀاري بہ آهي.“ پوءِ رانول داس ائين ڦاٿو جيئن سيهڙ ڪوڙڪيءَ ۾. هاڻي خبر پوندس تہ پرائيءَ نُنهن مان لست ونڻ جا سجا (سزا) ڇا ٿيندي آهي!“ مان ڪانتي لال جي پوئين فقري تي حيران ٿي، هن ڏانهن ڏٺو. ”ڇا؟“ مون هُن کي چيو ”تنهنجو سارو غصو گمان تي ٻڌل آهي؟ رانول داس تہ مون کي چيو تہ ”ڪانتي لال جي نُنهن تہ منهنجي نياڻيءَ برابر آهي. مان گيتا تي هٿ رکڻ لاءِ تيار آهيان.“

ڪانتي لال چيو ”رانول داس رڳو ٻانهن ۾ هٿ وڌو هوندس تہ هوءَ هُن جي ڪڇ ۾ هلي وئي هوندي. جيئن ڪبوتر جي غٽرگون تي ڪبوتري هلي ويندي آهي. مان رڳي شڪ تي ايڏو خرچ نہ ڪريان ها. رَن جي ذات تي ڪهڙو اعتبار آهي؟ ڪُتيءَ جي بہ ڪَت جي مُند ٿيندي آهي، رَن جي ڪَت جي ڪائي مُند نہ آهي. سياڻي شو راتڙي آهي، جي ساڏ ٻيلي پرسان پلا ڦاٿا تہ ٽي چار موڪلي ڏيندو سانءِ.... هاڻي ”اوم نم شانتي“ اُچاري، وچي ٽو ننڊ ڪريان.“

* * * *

هڪ ڀيري شڪارپور ۾ هاٽيدر تي رهندڙ ساوتريءَ نالي هڪ هندو ڇوڪري مذهب بدلائي امروٽ شريف جي ڪنهن مسلمان سان شادي ڪئي. ساوتري ناهوڪي ۽ رسيَلَ پُور ۾ آيل هئي. شڪارپور ۾ ڦوهہ ڇڙهيل ۽ سامايل وياءَ جي وواه ۾ هندو دير نہ ڪندا هئا. پر ساوتريءَ جا پيءُ ماءُ هن جي شاديءَ جو ڪو ٻِلو نہ ڪري سگهيا هئا، ڇو تہ هنن کي ڏاج لاءِ ڪافي ڏوڪڙ ڪونہ هئا ۽ ان ڪري ڪين ڪائي سٺيي آسامي ۽ رهت ڀهت وارو

چوڪرو ڪونہ تي مليو. چوڪريءَ کي ڏُک ڏيڻيوءَ وانگر ڏنگي رهيا هئا ۽ جنهن بہ تي ڏنا چرڪ تي پريائين. ساوتريءَ جي گهر جي پرسان هڪ مسلمان جو گهر هو جي غالباً ذات جا مغل هئا. چوڪرو سِيرب لهرائي، ننڍيءَ ڏاڙهي جو خط وڻائي، جڏهن ويجهيءَ مسجد ۾ نماز پڙهندو هو تڏهن مغليہ خاندان جو آخري چشم وچراغ لڳندو هو. ساوتري بہ چڻ عبدالرحمان چغتائيءَ جي ڪنهن تصوير مان نڪري آئي هئي. شايد صدين کان هن جي ڪٽنب ۾ باهريون ٻج اُپرندو رهيو هو شايد ڪنهن غنيم ارغون يا ترخان هن جي ڏاڏيءَ سان زوريءَ ڪئي هئي يا نڪاح ۾ هوءَ هُن جي چوٿين زال هئي. ساوتري پوري پوري باهہ وانگر لڳندي هئي. هوءَ تاتار جي غزالہ وانگر هئي، جنهن جا صديون شعلا نہ وسائي سگهيون هيون. ساوتري مغل کي ڏسي، مورڇا تي ويندي هئي. هن ٻُڌو هو تہ مسلمان طهر ڪرائيندا آهن ۽ ان تي سوچي سندس تن بدن ۾ باهہ لڳي ويندي هئي. مغل جڏهن نماز پڙهي، ساوتريءَ جي گهر وٽان لنگهندو هو تہ تارن پريءَ رات ۾ ڪنهڙيءَ تان ليئو هن کي ڏيئي وانگر لڳندو هو. هو ساوتريءَ کي هٿ سان اِشارو ڪندو هو تہ هيٺ لهي آءُ تہ هوءَ لالٽين کڻي ڏاڪا ٽپندي هيٺ لهي ايندي هئي. هڪ پيري مغل هن سان ڏاڪي تي چيڙ چاڙ ڪئي ۽ هُن کي پڇي هلڻ جي صلاح ڏني. ٻيءَ رات هَئو مَئو ٿاري، ساوتري ٻُنڊ ۾ ڪپڙا لٽا ٻڌي نڪتي، ۽ مغل سان گڏجي، سواري ڪري، وڃي امروٽ شريف ۾ نڪتي. صبح سان هُن کي ڪلمو پڙهايو ويو ۽ مسلمان ڪيو ويو. اُن رات مغل هُن کي رڄ ڪرايو ۽ هوءَ اِن تي ايترو هري وئي، جو روز هن کي ڇڪيندي هئي.

پاڪستان کان پوءِ شڪارپور جا هندو ڪمزور تہ هئا، پر هنن ۾ ڪافي لک پتي سيٺ بہ هئا. هنن پاڻ ۾ گڏجاڻي ڪري فيصلو ڪيو تہ چوڪري صغير آهي ۽ زوريءَ اغوا ڪئي وئي آهي. هنن اِهو بہ فيصلو ڪيو تہ مغل تي اهڙو ڪيس ڪجي ۽ چوڪري هٿ ڪئي وڃي. هنن اهو بہ فيصلو ڪيو تہ مون کي وڪيل ڪن، ڇو تہ "وڪالت جي پيشي ۾ هيءُ وڪيل ديانتداريءَ سان ڪيس هلائيندو آهي ۽ ڪفر ۽ اسلام ۾ فرق نہ ڪندو آهي." مون هندن جي ڏنل حقيقت موجب ڪيس لکي سيشن ڪورٽ ۾ حبس بيجا جي درخواست ڪئي ۽ گهر ڪئي تہ ساوتري آزاد ڪئي وڃي. هاڻي تہ ڪ - پ - ڪ وسري ويو آهي پر ايترو ياد آهي تہ غالباً

491 ڪ ـ پ ـ ڪ ۾ اهڙو ڪوئي فقرو هو. ڪيس سيشن جج پير غلام قادر وٽ هليو. ڄمر جو سرٽيفڪيٽ، اسڪول ۾ داخلا جو سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا ويا، جن موجب هوءَ 15 ورهين کان ننڍي صغير ڇوڪري هئي. ماڻهن جا هشام اچي ڪورٽ جي ٻاهران ڪٺا ٿيا. پير صاحب احتياطاً پوليس گهرائي تہ گوڙ ڪجهہ گهٽ ٿيو. پوءِ پير صاحب چيمبر ۾ ڇوڪريءَ جو بيان ورتو ۽ فيصلو ڪيو تہ ڇوڪري صغير آهي، ۽ پيءُ ماءُ کي ڏنائين. پير صاحب پنچايت جي مُکيءَ کان لک ربئي جو ضامن وٺي ڇوڪري هن جي پيءُ ماءُ کي ڏياري، ۽ پوليس کي گهرائي حڪم ڏنو تہ ڇوڪري هُنن کي ڪار ۾ ويهاري ڏين. پوءِ ڪيس جي ٻي شنوائي رکيائين. ڇوڪري ٻيءَ حاضريءَ تي ڪورٽ ۾ پيش نہ ٿي، تينءَ ۽ ٽوٽينءَ حاضري تي بہ نہ آئي، ۽ امروٽ شريف جا ماڻهو وائڙا ٿي ڏسندا رهيا. نيٺ ڪورٽ هن کي هٿ ڪرڻ لاءِ وارنٽ ڪڍيا، ۽ هوڏانهن ضامن کي نوٽس مليو تہ هو چُپ چاپ لک ربيا ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ويو.

مون کي منهنجي هندو منشيءَ ڏيوَن ٻڌايو تہ پنچايت جي جوان مُکيءَ هن کي اڌ رات تائين پاڻ وٽ رکيو هو ۽ سائڊر (Cider) ۾ جن وجهي پيئاريو هئائين ۽ ضمانت جي لک ربئي جي ڳسر ڪڍي هئائين، ۽ پوءِ صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ هن کي پيءُ ماءُ سان گڏ لاهور موڪليو هئائين، جتان سپ ريل ۾ هندستان هليا ويا هئا. منشي ڏيون جي ڳالهہ سچي هئي يا اُناءُ هو مان چئي نہ ٿو سگهان، باقي پنچايت هن کي هندستان ڏياري موڪليو اِها ڳالهہ سچي ٿي لڳي. وارنٽ تي بہ پوليس اها رپورٽ ڪئي هئي تہ هوءَ هندستان هلي وئي آهي ۽ ٽاٽي جي حد اندر ناهي. ائين ساوتري "اڪبر مغل" کان کسجي وئي ۽ هو ساوتريءَ کي ياد ڪري، ٽڏا ساهہ پريندو رهجي ويو.

❊ ❊ ❊ ❊

عورت ذات جي پرک مشڪل آهي. هوءَ ديوي بہ آهي ۽ ڏائڻ بہ آهي، جا مرد جو هانءُ ڪڍي وٺندي آهي، ڪي عورتون صابرين ٿين ٿيون ۽ ساري عمر راضي بَرضا رهنديون آهن. ڪي شائقين ٿينديون آهن، هاڃا هٽنديون وتنديون آهن. عورت ذات جي نهار مان هن جي جهلڪ مشڪل ٿي نظر اچي.

ڪڏهن سدا گُلاب جي وَل وانگر ويڙهي ويندي آهي، ڪڏهن ڪوراڙ وانگر ونگيندي آهي ۽ ڏنگيندي بہ آهي.

هيءَ ڳالهہ منهنجي وڪالت جي دؤر کان اڳ جي آهي، جڏهن مان مينارام هاسٽل ۾ رهندو هوس، پر چاڪاڻ جو ان جو مٿئين موضوع سان تسلسل آهي، تہ اُها بہ لکي ٿو ڇڏيان. هڪ ڀيري هُو بئگ کڻي اچي منهنجي ڪمري ۾ لٿو ۽ چيائين تہ "مائٽ! ڪجهہ وقت تو وٽ رهندس، جيستائين ٻيءَ هاسٽل ۾ بندوبست ڪريان. مان ڀانيان ٿو تہ سنڌ مسلم هاسٽل يا سنڌ مدرسي هاسٽل ۾ جڳهہ ملي ويندي." رات جي مانيءَ کان اڳ بيئر تي مان هُن سان ڪچهري ڪري رهيو هوس تہ ڳالهيون ڪندي هن چيو "يار هڪ صلاح تہ ڏي! مان مُنجهي پيو آهيان!" "ڳالهہ ڇا آهي؟" مون هن کان پڇيو. چيائين تہ "گذريل پندرهن ڏينهن کان مان سؤٽ وٽ مهمان هوس، جو اسسٽنٽ مختيارڪار آهي ۽ گانڌي گارڊن کان ڪجهہ پنڌ تي رهندو آهي. مان روز گارڊن ۾ ويندو هوس ۽ سعادت حسن منٽو جا اُردوءَ ۾ افسانا يا ڪوئي اُردو رسالو پڙهندو هوس، ۽ طرح طرح جا جانور ڏسندو هوس. پولا ۽ پوليون لڳ ڪندا هئا يا ٻين جانورن کي وَهُرُ ڪڻندو هو تہ مون کان پنهنجو ڪتاب بينچ تي وسري ويندو هو ۽ جسم آڪڙجي ويندو هو. هڪ ڀيري ڪتاب پورو ٿي ويو تہ مان سوٽ جي گهر ٿوريءَ دير ۾ موٽي ويس. هُن جي پورڙي زال رنڌڻي ۾ هئي، منهنجي در کڙڪائڻ تي هن در کوليو ۽ پوءِ اندران بُلٽ ڏئي ڇڏيائين. مون کي تاهوڪي پئنٽ ۽ بُش شرٽ پئي هئي. هن مون کي چتائي ڏٺو ۽ چيو تہ "اندرئين ڪمري ۾ ويهہ تہ چُلهہ تان ٻاٽي لاهي اچان ٿي، تہ جيئن ٻوڙ سڙي نہ وڃي." مون کي اُهو ٻڏي حيرت آئي، ڇو تہ مان اڳيئي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي رهيو هوس. اُتي مون ڪپڙا بدلائي، ڊبل گهوڙي بوسڪيءَ جي سُٿڻ قميص پاتي. ٿوريءَ دير ۾ هوءَ اندر آئي تہ پاڻ سان سينٽ جي هُبڪار کڻي آئي. مان کٽ تي ويٺو هوس. هوءَ بہ منهنجي پرسان ويهي رهي ۽ منهنجي ڪُلهي تي هٿ رکي چيائين تہ "هڪ ڳالهہ چوان؟" "پلي چؤ!" مون ڪيس جواب ڏنو. هن چيو تہ "منهنجي وچين ڀيڻ فلاڻي آفيسروٽ آهي. تون منهنجي ننڍيءَ ڀيڻ جو ماءُ کان سڱ گهُرئين! هوءَ چوڏهين ورهين جي آهي. تو تہ ڏٺي آهي، هوءَ ريٻڙيءَ جهڙي آهي. مون سان شاديءَ جي تِٿ پوءِ ٻڌي اُٿ!"

تِٿ ٻڌڻ تاريخ طيءِ ڪرڻ کي چوندا آهن ۽ مون کي معلوم هو تہ شڪارپور ۾ اسان جي پاڙي جون زالون مسلمانڪي هندڪي سنڌي گڏي

ڳالهائينديون آهن. مون ڳالهہ لنوائڻ لاءِ مِکر ڪري هُن کان پڇيو تہ "ماڻهو شادي ڇو ڪندا آهن؟" "اڇي جوان ٿيو آهين." هن جواب ۾ چيو "توکي اها خبر بہ نہ آهي تہ شاديءَ کان پوءِ ٿيندا آهن. گهر آباد ٿيندو آهي. زال مڙس جي خدمت ڪندي آهي، گهر جي ڇنڊ ڦوڪ ڪندي آهي ۽ بيماريءَ سيماريءَ ۾ مڙس جي ٽهل ٽڪور ڪندي آهي ۽ رات جي وقت مڙس کي سُک ڏيندي آهي. توکي ڏاج ۾ سوني دہلي بہ ملندي" "ڪهڙو سُک ڏيندي آهي؟" مون هن کان جُڙتو بي خبريءَ سان پڇيو. هن چيو "اها بہ توکي خبر نہ آهي. تون بالغ ڪڏهن ٿيو هئين؟" "مئٽرڪ ۾." مون جواب ڏنو. ان تي هن چيو تہ "توکي اڃا تائين خبر نہ آهي تہ رات جو زال مڙس ڇا ڪندا آهن!" مون معصوميت سان جواب ڏنو تہ "مون کي خبر نہ آهي ۽ نہ ڪنهن ٻڌايو آهي." هن منهنجي بوسڪيءَ قميص تي هٿ گهمائيندي، ڪجهہ دير سوچي چيو تہ "مان توکي ڏيکاريان؟" مون ظاهري معصوميت سان هن کي چيو تہ "ڀلي ڏيکار!" هن جواب ڏنو تہ "پهريون تہ مُڙس زال جو گهونگهٽ هٽائيندو آهي ۽ هن کي ويجهو آڻيندو آهي." پوءِ سرڪي منهنجي ويجهو آئي ۽ منهنجي ران سان رانَ ملايائين. پوءِ چيائين تہ "ترس تہ مان پڪ ڪري اچان تہ در جو ٻُلٽ اندران ڏنل آهي." پوءِ اچي منهنجي آغوش ۾ ويٺي ۽ پنهنجا دندان گيري حلوي جهڙا چپ مون سان ملايائين. مان "دندان گيري" لفظ انهيءَ ڪري ٿو ڪم آڻيان، جو اُن جي شيريني وات ۾ ڪافي وقت رهندي آهي. پوءِ هُن چولو مٿي ڪيو. اُن کان پوءِ هن منهنجي هٿ کي مٿي ڇڪي پنهنجن قنڌاري ڏاڙهن تائين آندو. هوءَ تئي تان تازي لٽل اُڦراٽي وانگر ٿي لڳي. پوءِ هوءَ رقص ڪرڻ لڳي ۽ آخر ۾ تيزيءَ سان چيائين "دَہلي، دَہلي، دہلي بہ توکي ڏاج ۾ ملندي" اهو چئي هوءَ سيسرات ڀري، کٽ تي ڀيل رليءَ تي ليٽي پئي. جڏهن سامت ۾ آئي تڏهن چيائين تہ "ڏاج ۾ نہ رڳو توکي دہلي ملندي، پر مان بہ ملنديسانءِ. مان توکان رڳو ہہ سال وڏي آهيان، منهنجي پيرڻ کي ڇُهي ڏسندين تہ هوءَ ريشم وانگر لڳندي" اوچتو مون اکيون ٻوٽي، اِن آڇ تي سوچيو. هُن سمجهيو تہ مون کي ننڊ وٺي وئي. رِلي منهنجي هيٺان ڪڍي، هوءَ رنڌڻي ۾ ماني پچائڻ هلي وئي. ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن هن جو مُڙس آيو تہ هن نهي نڪي هن لاءِ ماني ميز تي رکي ۽ وٽل چشڪي جي ڊِڪ بہ ڏني ۽ ائين لڳو تہ جڻ هن جي انتظار ۾ هئي. اوچتو مون

۾ عورت جي سِپاءُ کان رُڪاوٽ پيدا ٿي. مون ڪاڏي جي ميز تي پنهنجي سؤٽ کي چيو تہ "سنڌ مسلم هاسٽل ۾ مون کي خالي ڪمرو مليو ويو آهي، شام جو مان سامان ہڏي هاسٽل ويندس." مون ڏنو تہ منهنجي سؤٽ جي زال جو منهن سُراتجي ويو. منهنجي سؤٽ چيو "هي بہ تہ تنهنجو گهر آهي. جيترو وقت چاهين اوترو وقت رهي سگهين ٿو. هتي فقط مان ۽ مُنهنجي زال رهون ٿا. گهر ڪُشادو آهي." جڏهن مون هُن کي چيو تہ "هاڻي ڪاليج کليا آهن ۽ هاسٽل ڪاليج جي ويجهو آهي. مون کي سهولت ان ۾ ٿيندي تہ هاسٽل ۾ رهان. جا ڪاليج کان ٿوري پنڌ تي آهي، مان اوهان وٽ هڪو ہيءَ ايندو رهندس." "ها ادا ضرور اچجانءِ." هن جي زال بي صبريءَ سان چيو.

هن اِها ڳالهہ ہڏائي تہ مون کي شيڪسپيئر جي هڪ سٽ ياد آئي، اسان کي ڪاليج ۾ پروفيسر ليڪچر ڏيندي ہڏائي هئي:

"Fraility, thy name is woman."

(بي وفائي، تنهنجو نالو عورت آهي.)

اِها سٽ ہڏي، هڪ هندو ڇوڪريءَ پروفيسر کي چيو هو "ڇا اها سٽ شيڪسپيئر جي ماءُ، ڀيڻ ۽ ڌيءَ سان بہ لاڳو هئي؟ مان چوان: "Fraility, thy name is man." (بي وفائي، تنهنجو نالو مرد آهي.) تہ؟"

ڇوڪريءَ کي غصي ۾ ڏسي پروفيسر چيو تہ "اها ڳالهہ بہ ٺيڪ سگهي ٿي، تہ بي وفائي فقط عورت جي ڪمزوري نہ آهي، مرد جي بہ آهي."

منهنجي مائٽ وري چيو تہ "تون صلاح ڏي تہ مان دہليءَ ڏي موٽي وڃان؟ مون کي هن جي ڏاڍي چڪ ٿئي ٿي. مان اهو بہ چاهيان ٿو تہ هن جي ننڍيءَ ڀيڻ سان نڪاح ڪريان." مون هن کي چيو تہ "توکي پاڻ فيصلو ڪرڻو آهي. توکي ڪهڙي خبر تہ هن جي ڀيڻ جي دہلي نہ کولي وئي آهي يا اڃا تائين سُڪ آهي. شادي اونده ۾ ٽپو آهي. ممڪن آهي تہ ماڻهوءَ کي ڪجهہ نہ ٿئي، پر اِهو بہ ممڪن آهي تہ هن جي ٽنگ ٽُٽي پئي. پر جي توکي شادي ڪرڻي آهي تہ هاڻي ڪري ڇڏ! ائين نہ ٿئي تہ اڳتي ڪوئي هُن جي دہلي کولي، ڳهہ ڳنا چورائي وڃي ۽ پرڻي رات ئي توکي پيءُ واري بندوق استعمال ڪرڻي پوي. هئي جي رن جو چور پنهنجي رن جي چوري تہ غلط نہ سمجهندو آهي، پر پنهنجي رَن جي چوري برداشت نہ ڪندو آهي."

هئي ڏينهن منهنجي مائٽ چيو تہ "مان گانڌي گاردن ڏانهن پنهنجي

سؤٿ جي گهر ٿو وجان. مون سوچيو تہ ان جانورن جي باغ تي ”گانڌي گارڊن“ ڪهڙي بيوقوف ڪانگريسيءَ نالو رکيو آهي؟ گانڌي برهمچريہ جو پالڻ ڪندو هو هتي تہ لڱ جي مُند اچي تہ سڀ جانور چتا تي پون ٿا.

* * * *

سکر ۾ مون کي جدا جدا نوعيت جا ڪافي ڪيس مليا. جن جو رڪارڊ ضايع ٿي ويو آهي، جي ياد آهن اُنهن جي باري ۾ پوءِ لکندس.

سکر ۾ منهنجا سنڌي ادبي دوست رشيد ڀٽي ۽ مقبول صديقي ۽ شيخ راز هئا. مقبول صديقيءَ سان گڏجي مون سنڌيءَ ۾ ادبي رسالو ”محفل“ ڪڍيو جنهن جا ڪجهہ پرچا نڪتا. سکر ۾ سيد شمس الدين شاهہ مون کي سنڌي هفتي وار ”روشني“ جي ايڊيٽرشپ سپرد ڪئي، جا، جيتري قدر مون کي ياد آهي، آغا بدرالدين دُرانيءَ جي پريس مان ڇپبي هئي. اُن ۾ سکر ۾ منهنجو لکيل افسانو ”فيروزان“ ڇپيو جنهن جو نقل مون وٽ ڪونہ آهي. پوءِ مون سنڌيءَ کي الوداع ڪئي. اُردو شاعر، جي منهنجا دوست ۽ بزرگ هئا، اُنهن مان ڪجهہ نالا آفاق صديقيءَ جي اشاعت ”ريگزار کي موتي“ ۾ ڏنل آهن. اُهي هئا آفاقي صديقي، حميد عظيم آبادي، شاهزادو اياز، حڪيم شمس الحسن، حسن حميدي، منظر ايوبي، صمد رضوي ”ساز“. اسين سڀ همعصر دوست ڪيفِ ايران ۾ گڏبا هئاسين ۽ هڪٻئي کي اُردو شعر ٻڌائيندا هئاسين. ”ريگزار کي موتي“ ڏئو ويندو تہ نظر ايندو تہ مون اُردوءَ ۾ هائڪو پهريون ڀيرو لکيا هئا. بشير موريائي بہ ڪڏهن ڪڏهن شڪارپور مان ايندو هو ۽ اُردوءَ ۾ شعر ٻڌائيندو هو. 1951ع ۾ هڪ مشاعرو ٿيو جنهن ۾ ”مير“ جي تخلص سان ڪوئي سنڌي شاعر شڪارپور مان آيو هو. هُن پنهنجو اُردو غزل ٻڌايو جنهن جي هيءَ سٽ ٻڌي سڀئي شاعر روئي ويٺا:

”افسوس چار سال میں دنیا بدل گئی!“

هنن مير کي پنج ڇهہ ڀيرا فرمائش ڪئي تہ اها سٽ ٻيهر پڙهي. سياري جي مُند هئي، هنن کي ڪانپوري ٽوپيون، ڪاريون شيروانيون ۽ پتلونون پيون هيون ۽ هٿ ۾ اڇا رومال جن سان هُو اکيون اُگهي رهيا هئا. هڪ ڀيري هڪ بيوقوف ڊپٽي ڪمشنر سرحد مان سکر آيو ۽ اُتي مشاعري جو انتظام ڪيائين. مشاعري ۾ سامعين شاعرن تي فقرا ڪسيا. ان تي هُن کي ڪاوڙ آئي ۽ هن هڪ فقري ڪسيندڙ کي دڙڪو ڏيندي چيو تہ ”اُتي

بيهہ!" هو ٻيو ڀيرو ٻر اُٿي بيٺو. ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ "هيءَ ڪهڙي بدتميزي آهي؟ تون وچ ۾ بڪواس ڇو ٿو ڪرين؟" هن جواب ڏنو "صاحب تون غصو ڇو ٿو ڪرين! هيءَ تہ مشاعريءَ جي روايت آهي، اُن ۾ فقرا ڪسيا ويندا آهن."

اُن تي ڊپٽي ڪمشنر ڏاڍي طيش ۾ اچي ويو ۽ سپاهيءَ کي چيائين تہ "هن کي مشاعري مان ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪر!" جڏهن منهنجو وارو آيو تہ مون پنهنجو هيٺيون آزاد نظم پڙهيو:

میری روح کی راگنی سُن رہے ہو
پرائی سے لئہ ہے پرانے سے نغمے
پرائی سے مئے ہے، پرانے سے شیشے
جنہیں میں چُرا لایا ہوں ساقیانِ ازل سے

اهو نظم ٻڌي، ڊپٽي ڪمشنر چسي ڪِل ڪليو تہ "هيءَ بہ ڪا شاعري آهي!" مان اسٽيج تان لهي، مشاعري کان ٻاهر هليو ويس، ۽ دل ۾ چيم تہ "گڏهہ! تنهجي صدارت ۾ ويهڻ پسند نہ ٿو ڪريان."

ٻئي ڏينهن سيد قوت علي شاهہ جي گهر دعوت هئي، جو اُن وقت يا اُن کان ڪجهہ وقت پوءِ سکر ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو. هن جو گهر منهنجي گهر کان ڪجهہ پنڌ تي هو، جو مون کي زرينا جي چاچي شيخ مظهر عليءَ اَلاٽ ڪرائي ڏنو هو. هُو اُن وقت سکر جو اي. ڊي. ايم هو. مٿي ذڪر ڪيل ڊپٽي ڪمشنر بہ آيل هو. سيد قوت علي شاهہ جي گهر مانيءَ کان پوءِ راڳ ٿيو جنهن ۾ هڪ معصومي سيد (نالو وسري ٿو وڃي) ڪلاسيڪي راڳ ڳائي پورو ڪيو تہ اُن ڊپٽي ڪمشنر ڪيس چيو تہ "ڪافي ٿيو. هاڻي رڳو مالڪوس ٻڌاءِ تہ اُٿون!" معصومي سيد جواب ڏنو تہ "مالڪوس تہ ڳائي پورو ڪيم، هاڻي اُٿو!" پوءِ پنهنجي هارمونيم کڻي گهر هليو ويو جو ساڳئي پاڙي ۾ هو. اُنهيءَ سيد لکن جي جائداد ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي تربيت تي خرچ ڪئي هئي، ۽ پوري هندستان مان ڪلاسيڪي ڳائڻا سکر گهرائي اُنهن کان موسيقيءَ جي تعليم وٺندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ مون فقط هيٺيون سنڌي غزل لکيو هو جو "پونر پري آڪاس" ۾ ڇپجي چُڪو آهي، اُن جو مطلع آهي:

هوءَ عشق ومحبت جي دنيا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي،
مان ڪيئن چوان منهنجا پيارا، گذري بہ وئي گذري بہ وئي.

پوءِ مان پاڻ ڪي شاهہ لطيف جي اُردو ترجمي ۾ سارو وقت مصروف رکيو ۽ ڪجهہ سامي، سچل، سانگيءَ جي نالي ۾ شعر لکيا، جي پوءِ ٿو لڪان. هڪ ڀيري آفاقي صديقيءَ پڇيو تہ ”ڇا واقعي هي ساميءَ جي شعر جو ترجمو آهي؟“ مون جواب ڏنو ”آفاق، سوڍا ساميءَ جي آهي، وسڪي منهنجي آهي.“

مون شاهہ جو اردوءَ ۾ ترجمو تي ڪيو تہ سيپٽمبر 1956ع ڌاري فوجي انقلاب جو منصوبو مڪمل ٿي چُڪو هو. فوج جي ڪمانڊر اِن چيف (پوءِ فيلڊ مارشل) ايوب خان اُن جي قيادت ڪئي هئي. هو پنهنجيءَ قوم کي فتح ڪري فيلڊ مارشل آئزنهوور ۽ فيلڊ مارشل منٽگومريءَ جي قدوقامت وارو ٿي ويو هو. هُن جي ذهن ۾ جو منصوبو هو اُن ۾ صدر سڪندر مرزا کي عهدي تي قائم رکڻ واري تجويز شامل هئي. صدر مرزا ڪئن اقتدار ۾ آيو اها ڳالهہ ڄاڻڻ لاءِ پاڪستان جي اُن دؤر جي سياست جو مطالعو ضروري آهي تہ ڪوئا ڪئن ڪوئامار ۾ گُڏي رهيا هئا. مان اهو دؤر تَرڪي وڃان ٿو، ڇو تہ اُن سان منهنجي ادبي زندگيءَ جو ڪوئي واسطو نہ آهي. مون کي اُن دؤر جي سياست تي سوچي اُلٽي ايندي هئي. مارشل لا لاڳو ڪري، قانون ۾ ڏڙا ڏڙ ترميمون ڪيون ويون ۽ آرڊيننس تي آرڊيننس جاري ڪيو ويو. سول حڪومت سِول محڪمن جي ذريعي ڪاروبار هلائيندي هئي، پر ماڻهو حيران هئا تہ سڪندر مرزا کي ڇو ڇڏيو ويو آهي! هو بہ اوتروئي بدعنوان ۽ نااهل هو جيترا ٻيا هئا. مارشل لا لاڳو ٿيڻ کان سڪندر مرزا هڪ مشاورتي ڪائونسل ناهي، جنهن ۾ سيڪريٽريٽ جا اعليٰ آفيسر شامل هئا. آڪٽوبر تي سڪندر مرزا، انقلابي حڪومت کي هڪ قومي ڪائونسل ۾ ڦيرايو. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ سڪندر مرزا اِها غلطي ڪئي، جو دوستن کي ٻُڌائي وينو تہ هو مارشل لا هڪ مهيني ۾ هٽائيندو. ان ڪري 27 آڪٽوبر تي سڪندر مرزا سان هن جي ڪئبينيٽ جا ٽي فوجي ميمبر، ميجر جنرل اعظم خان، جنرل شيخ ۽ جنرل برقي مليا. اُنهن جي دٻاءَ هيٺ سڪندر مرزا استعفا ڏني ۽ ايوب خان سپريم ڪمانڊر ۽ مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ٿيو ۽ هن جي وزارتي ڪائونسل ٻيهر قسم کنيو. اُن وقت کان وٺي هن وقت تائين پاڪستان نِتُ نئين بخت آزما جي تلاش ۾ رهيو آهي.

ايوب خان جي اسپيشل ٽرين پوري مغربي پاڪستان جو دورو ڪيو.

اُن وقت قدرت الله شهابُ، ايوب خان جو سيڪريٽري هو. شهاب ڪشميري هو ۽ ڪهاڻين جي هڪ ڪتاب جو مصنف هو جو مون پڙهيو هو. جڏهن ٽرين سکر پهتي، تڏهن مُنهنجي گهر ڊپٽي ڪمشنر، سکر، ڪوئي آفيسر موڪليو جنهن اچي چيو تہ صدر صاحب جي سيڪريٽري جنرل مون کي ريلوي اسٽيشن تي گهرايو آهي. مان پيغام ٻُڌي حيران ٿي ويس ۽ سوچيم تہ شايد هي پُليو آهي. بهرصورت، مان هن سان گڏجي ريلوي اسٽيشن تي ويس. شهاب پليٽ فارم تي بيٺو هو ۽ ڊپٽي ڪمشنر سان ڳالهائي رهيو هو. اُتي منهنجو ڪراچيءَ جي ڏينهن جو دوست جميل الدين عالي بہ بيٺو هو. پوءِ خبر پئي تہ اُهو ايوب خان جو ڪراچيءَ ۾ او. ايس. ڊي آهي. هو مون سان ياڪر پائي مليو ۽ شهاب سان تعارف ڪرائيندي چيائين تہ "سنڌ جي وڏي ۾ وڏي سنڌي شاعر سان ملو. هو اُردوءَ جو بہ ڏاڍو چڱو شاعر آهي ۽ مون ٻُڌو آهي تہ هو شاهہ جي پوري رسالي جو اُردوءَ ۾منظوم ترجمو ڪري چُڪو آهي." شهاب جي اِن ڳالهہ ۾ بيحد دلچسپي هئي تہ هو ڏسي تہ سنڌ ۾ ڪنهن شاعر کي اُردو زبان تي ڪيتري گرفت آهي. هُن ڊپٽي ڪمشنر کان سختيءَ سان پڇيو تہ "هن کي ڇو نہ گهرايو ويو جڏهن مون اوهان کي لکيو هو تہ سنڌيءَ جا سڀ اهم شاعر گهرايا وڃن؟" ڊپٽي ڪمشنر جواب ڏنو تہ "هن جو نالو سي. آءِ. ڊيءَ جي لسٽ تي هو." ان تي شهاب هن کان پڇيو تہ "اها لسٽ انگريزن جي دؤر واري آهي يا هاڻي ناهي وئي آهي؟" ڊپٽي ڪمشنر جواب ڏنو تہ "سر، انگريزن جي دؤر واري آهي." ان تي شهاب ڪيس چڙب ڏني تہ "پوءِ هي سامراج دشمن ۽ محبِ وطن (Anti-Imperialist and Patriotic) چئبو." پوءِ هن عاليءَ کي چيو تہ "فرسٽ ڪلاس ويٽنگ روم ۾ نشست رکو. مان شيخ اياز جو اُردو ڪلام ٻڌڻ چاهيان ٿو." ائين مون هن کي ڪجهہ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جا اُردو ۾ منظوم ترجما ٻُڌايا تہ حيران ٿي ويو ۽ چيائين تہ"مون کي خواب خيال ۾ بہ نہ هو تہ سنڌ جي صوبي ۾ ڪوئي بہ سنڌي شاعر ائين اُردوءَ ۾ خوبصورت شاعري ڪري سگهندو آهي." پوءِ ٽرين سيٽي هنئي تہ سڀ مون سان هٿ ملائي، "خدا حافظ" چئي، ٽرين تي هليا ويا. قدرت الله هاڻي گُذاري ويو آهي ۽ وفات کان اڳ هن پنهنجي سوانح حيات "شهاب نامو" لکي، جا مون پڙهي آهي. عالي هن وقت پاڪستان ۾ سينيٽر آهي. سينيٽ ۾ ڪنيو ويو اُن کان پوءِ هن منهنجي جنم

ڏينهن تي ريلوي انسٽيٽيوٽ ۾ پرزائيڊ ڪيو جو مسٽر يعقوب علي خان زرداريءَ ملهارايو هو. ۽ پوءِ عالي پنهنجي گهرواريءَ سان منهنجي گهر آيو. هنن جي وڃڻ کان پوءِ زرينا ٻُڌايو تہ "عاليءَ جي گهرواريءَ ڪيس خوش مزاجيءَ طور چيو هو تہ "سٺن شاعرن جي ڪِيڏ تہ خوبصورت عورتون ديوانيون هونديون آهن!" ۽ اُن تي زرينا ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي هئي! سکر ريلوي اسٽيشن تي شهاب ۽ عاليءَ سان ان سال ملاقات کان پوءِ آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ ٺاهڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ ڪنوينشن گهرائي وئي هئي. مون کي دعوت نامو هو پر مان وڃي نہ سگهيو هوس. ريڊيو تي آيو تہ ڪنوينشن ۾ رائيٽرس گلڊ ٺاهيو ويو جنهن جي مرڪزي ڪميٽيءَ تي پنهي صوبن مان ميمبر چونڊيا ويا. پئي ڏينهن ريڊيو تي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا آيا، جن ۾ آءٌ بہ شامل هوس. مان پانيان ٿو تہ منهنجو نالو عاليءَ پاڻ يا شهاب جي چوڻ تي ڏنو. مون کي ٽن سالن لاءِ هيڪر ۽ ٻيهر ساڳئي عرصي لاءِ گلڊ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ تي چونڊيو ويو هو.

رائيٽرس گلڊ منهنجي ڪلام جو پهريون سنڌي مجموعو "پونر پري آڪاس" ڇپايو ۽ اُن تي انعام ڏنو. پاڪستان بيوروڪريسي، ائين گلڊ جي انعام يافتہ ڪتاب تي، ڪفر، الحاد ۽ فحاشيءَ جا الزام هٽي بندش نہ وجهي ها، جي منهنجي خلاف حيدرآباد ۾ ڪي بااثر شخصيتون سازش نہ ڪن ها. پر اُها پوءِ جي ڳالهہ آهي. اُن کان پوءِ، ڪافي اڳي، مون سکر مان پنهنجي اُردو ڪلام جو مجموعو "بوءِ گل نالئِہ دل" ڇپايو جنهن تي آفاق صديقيءَ جو پيش لفظ هو. دير سان خبر پئي تہ اُهو پنو پاڪستان سرڪار جو هو جو اسان پوسٽ ذريعي حيدرآباد مان گهرايو هو ۽ اُن جي هر صفحي تي "گورنمينٽ آف پاڪستان" نشان طور امپرنٽ ٿيل هو ۽ اُن ڪري ئي اسان ان ڪتاب جون ڪجهہ ڪاپيون دوستن ۾ ورهايون ۽ ٻيون مارڪيٽ ۾ نہ آنديون. پوءِ اُن ڪتاب جو گهڻو حصو منهنجي ڪتاب "نيل ڪنٺهہ نيم کي پتي" ۾ ڇپيو جو حوريءَنورانيءَ ڇپيو هو. حوريءَ مون کان پڇيو هو تہ "ان ڪتاب جو نالو تہ ڏاڍو پيارو آهي، پر اُهو ڇا جي علامت آهي." مون هن کي جواب ۾ چيو هو تہ "نيل ڪنٺهہ "شِوَ" کي چوندا آهن ۽ هڪ پکيءَ کي بہ چوندا آهن. شِو کي نانگ ڳچيءَ ۾ ويڙهيل هوندا آهن، ۽ نيرو رنگ وِهہ جي علامت آهي. نم جا پتا ڪوڙا ٿيندا آهن ۽ ماحول جي تلخيءَ جي علامت

آھن. نالي جو مطلب آھي تہ ماحول جي تلخيءَ شاعر جي آواز ۾ وِھہُ ڀري ڇڏيو آھي.“ حوريءَ دير ئي نہ ڪئي ۽ ٻن مھينن ۾ مڪتبہ دانيال پاران ڪتاب ڇپائي ڇڏيائين، جو اُردوءَ ۾ ڪافي مقبول ٿيو آھي.

سکر ۾ مون کي سنڌي ادبي سرڪل جو 1953ع کان 1955ع تائين صدر چونڊيو ويو ھو. پر ادبي سرڪل ۾ مون کان ۽ شيخ راز کان سواءِ ٻيا سڀ اُردوءَ جا اديب ھئا. مان پھريون پيرو رائيٽرس گلڊ جي مرڪزي مجلس عاملہ جو رڪن ھوس ۽ پوءِ سال 1961ع ۾ رائيٽرس گلڊ سب ريجن سکر جو صدر بہ ھوس. ايستائين منھنجا سنڌيءَ ۾ فقط ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا ھئا. سفيد وحشي (افسانن جو مجموعو) پنھل کان پوءِ (خط) ۽ پونر پري آڪاس. منھنجي اُردو ڪلام جي مجموعي ”ڪفِ گلفروش“ کي ترتيب ڏني وئي ھئي. اُھو سکر مان ڪراچيءَ اچڻ وقت شايد سکر ۾ رھجي ويو. اُن مان نوٽ بُڪن ۾ لکيل ڪجھہ غزل موجود آھن. مون ”بوءِ گل نالۂِ دل“ ۾ جي پوربيءَ ۾ گيت لکيا، اُھي ڏسي، اُردو اديب وائڙا ٿي ويا، ڇو تہ اُنھن کي بہ پوربيءَ تي ايترو عبور ڪونہ ھو.

رائيٽرس گلڊ جي ڍاڪا سيشن ۾ مان بہ ڀيرا ويو ھوس ۽ اُن جو ذڪر پنھنجي ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ ۾ ڪري چُڪو آھيان. اُتي چاٽگام ۾ مان ڪنھن مندر ۾ لڪشمي پوڄا تي ويو ھوم. دراصل مون غلطيءَ ۾ اُن کي سرسوتي پوڄا سمجھيو ھو. بنگال جي رنگارنگ تھذيب، راڳ، مفلوڪ الحاليءَ مون کي ايترو اُتساھيو جو موٽي اچي اھو ڪتاب ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ لکيم. ان ڪتاب کي غور سان پڙھبو تہ نظر ايندو تہ مون کي اُن ئي وقت ڏھو پيو ھو تہ پاڪستان جو ھيءُ حصو الڳ ٿي ويندو. ”پونر پري آڪاس“ جي اشاعت کان پوءِ مون ڏانھن سنڌي شاعري موٽي آئي. اُن کان پوءِ مان رشيد ڀٽيءَ سان گڏجي پارٽ ويس ۽ ”پونر پري آڪاس“ ۾ ڇپيل ڪيترائي شعر حافظي مان اُتي پڙھيا ھئم، جنھن جو ذڪر مان اڳيئي ڪري چڪو آھيان. 1963ع ۾ ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ جي اشاعت کان پوءِ مون ڏي سنڌي نثر موٽي آيو. اُنھن ٻنھي ڪتابن تي بہ سنڌ جي حڪومت طرفان بندش وڌي وئي. پوءِ 1964ع ۾ منھنجي ٽئين ڪتاب ”ڳُلھي پاتم ڪينرو“ تي بندش وڌي وئي. اُنھيءَ وقت تائين منھنجا اردو اديبن سان خوشگوار تعلقات رھيا.

آگسٽ 1965ع جي شروعات ۾ دنيا تي اها حقيقت ظاهر ٿي تہ ڪشمير ۾ حالتون برصغير جي امن لاءِ سازگار نہ هيون. آزاد ڪشمير ۾ ڪارگل واريءَ ايراضيءَ ۾ ڀارت جي غير معمولي چُرپُر ٿي رهي هئي. اُها ايراضي ڀارت کي لداخ سان ملائي رهي هئي. اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل ٻنهي ملڪن کي گذارش ڪئي تہ سرحد تي ڪاروائي بند (Cease-fire) ڪئي وڃي. پر ان گذارش تي ڪنهن بہ ڌيان نہ ڏنو. آگسٽ تي معلوم ٿيو تہ جمون ۽ ڪشمير ۾ هڪ انقلابي ڪائونسل جو بنياد رکيو ويو هو ۽ ٻئي ڏينهن تي مخفي ريڊيو تان "صدائي ڪشمير ريڊيو" جو اعلان ڪيو ويو. ڪجھ ڏينهن ۾ ڪشمير ۾ فساد ٿيا. آگسٽ جي وچ ڌاري هُل هنگامو وڌي ويو ۽ ڀارت سرڪار اهو محيو تہ ڀارت جي فوج ۽ پوليس جا 153 ماڻهو ماريا ويا هئا ۽ ڪجھ عام شهري بہ ماريا ويا هئا. بہ ڏينهن پوءِ معلوم ٿيو تہ آزاد ڪشمير جا محب وطن، پاڪستاني فوج جي مدد سان، اکنور ۽ چمن تائين وڃي پهتا هئا. ٻنهي ڌرين ڄاتو تہ ڀارت مجبور ٿي پنجاب جي سرحد ڏانهن وڌندو. 6 سيپٽمبر تي ايوب خان ريڊيو تي چيو "ڀارت جي فوج لاهور ڏانهن وڌي رهي آهي." هربرٽ فيلڊمئن پنهنجي ڪتاب ("From Crisis to Crisis, Pakistan 1962-69") ۾ لکيو آهي:

"As in all armed conflicts, the casuality was truth. On both sides, propaganda, accusations and counter accusations,rose swiftly in pitch and exaggeration."

(هر هٿياربند لڙائيءَ وانگر سارو نزلو "سچ" تي ڪريو. ٻنهي ڌرين ۾ پروپئگنڊا، الزام تراشي ۽ جوابي الزام تراشي ڪئي وئي.جا ڪافي اوچتي ۽ وڌاءُ واري هئي.)

لال بهادر شاستريءَ لوڪ سڀا ۾ لاهور جي فتح جو اعلان ڪيو. ائين آهي تہ ڀارتي فوجي واگھہ سيڪٽر تائين پهتا هئا، پر پاڪستان جي نواجوان فوجين سِرن جون قربانيون ڏئي، اُتي ڀارتي ٽئنڪ اُڏائي ڇڏيا. ٻيو ڪوڙ آل انڊيا ريڊيو ڳالهايو تہ "پاڪستان جو وزير خارجہ ذوالفقار علي ڀٽو ڀارت جو شهري آهي." مان ڪراچيءَ ۾ هوس، جڏهن سراج ٻڌايو تہ جنگ اچي رهي آهي ۽ ڀارتي هوائي جهاز لاهور مٿان اُڏامن ٿا ۽ شايد ڪجھ بم بہ ڪيرايا اٿائون. مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ آهي تہ ڀارت جي دعويٰ هئي تہ

سنڌ ۾ هو ڏيڍ سو ميل هٽ ڪري سگهيا هئا. غالباً هنن رڻ ڪڇ کان چاڇري تائين دعويٰ تي ڪئي. مان سراج سان ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ ڏينهن پوءِ سکر موٽي ويس، تہ سازش ڪري مون کي ٽي مهينا نظربند رکيائون، جنهن جو ذڪر مون اڳين ڪتابن ۾ ڪيو آهي. جيل ۾ نظربنديءَ مون کي سخت جان ٻٽائي ڇڏيو ۽ اُتي مون پنهنجو مشهور غزل لکيو هو:

بي موت مئا تو لاءِ ڪُنا، انسان هزارين مان نہ رڳو
هن دنيا ۾ اي ديس هئا، نادان هزارين مان نہ رڳو.

جنگ ڪل سترهن ڏينهن هلي، پر مون کي ٽي مهينا نظربند رکيائون. ان کان ڪجهہ وقت اڳي، مون ٿر جو سفر ڪيو هو ۽ پنهنجا ٽي مجموعا ”جل جل مشعل جل“ ”هي گيت اُجايل مورن جا“ ”رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ لکيا هئا، جي سنڌ ۾ حميد سنڌيءَ جي ماهوار ”روح رهاڻ“ ۽ هند ۾ اُتم جي ”نئي دنيا“ ۾ شايع ٿيا هئا. اُنهن مان ڪيئي نظم مون ”سنڌي شام“ جي گڏجاڻين ۾ پڙهيا هئا، جي سنڌ ۾ باهہ وانگر پکڙيا هئا. ان وچ ۾ سنڌ ۾ منهنجو نانءُ سنڌي عوام تائين پهچي چُڪو هو. آفاق صديقيءَ ٻڌايو تہ ميرپورخاص ۾، جتي هو پڙهائيندو هو هڪ جوڙي وڏي پُٽ جو نانءُ بدلايو هو ۽ هن جو نانءُ اياز سينيئر رکيو ۽ ننڍي پٽ جو نانءُ اياز جونيئر رکيو. منهنجي شِعر جي ايتريءَ شهرت جي اِساسي بنياد کي محمد ابراهيم جويي جي منهنجن شاعريءَ جي ڪتابن تي مهاڳن ۽ رشيد ڀٽيءَ جي منهنجي ڪتاب ”خط انٽرويو ۽ تقريرون“ جي مهاڳ مان سمجهي سگهجي ٿو. مون تي ۽ منهنجي دِفاع ۾ رسول بخش پليجي ۽ يار محمد پنهور بہ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيا.* اسلام جا بي وقوف حامي اهو نہ پئي سمجهي سگهيا تہ هو هڪ سرّيت پسند (Mystical) شاعر کي قوم پرستيءَ جي شدت پسنديءَ ڏانهن ڌڪي رهيا هئا! سارو ماضي هاڻي خوابِ پريشان وانگر ٿو لڳي. منهنجي پاڙي ۾ مهاجر ڪير وارا ڪين پنهنجي دڪانن تي ويهاري مفت ۾ ڪڙهيل ڪير پياريندا هئا، ۽ پان وارا ڪين پان ۾ تماڪو اڳي کان بہ وڌيڪ ملائي سندن متيون مُنجهائي ڇڏيندا هئا. اسان جي پاڙي ۾ هڪ منهنجو ۽ هڪ منهنجي دوست ستار خان مغل جو گهر هو ۽ اسين هزارن مهاجرن جي

---

* رسول بخش پليجي ”انڌا اونڌا ويڄ“ ۽ ابن حيات پنهور اسان جوادب ۽ اديب“ ڪتاب لکيا هئا (ت.ج)

وچ ۾ اڪيلا رهندا هئاسين. اُنهن مان ڪي تہ مسڪين هئا ۽ ڪي شرير. جي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ تنڊ تي ٽوپي رکندا هئا ۽ سنڌ جو نالو ئي ڪين نہ آئڙندو هو ۽ هو سنڌ کي "واديءِ مهران" سڏيندا هئا. منهنجي طبيعت کي کٿو ۽ کهرو ۽ ڪلام کي ڳڙالو ٻڌائڻ ۾ هِنن جو هٿ هو.

پوءِ جون 1966ع ۾ بزمِ صوفياءِ سنڌ جي پهرين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس ٺٽي ۾ ٻي داد شهيد، ٻڊاپور ۾ ۽ ٽين ڪانفرنس ميرپور بٺوري ۾ ٿي. اُنهن ٽنهي ڪانفرنسن ۾ افتتاحي خطبو جي. ايم. سيد پڙهيو. ٽينءَ ڪانفرنس ۾ مشاعري جو افتتاحي خطبو مون پڙهيو جو ضميمو ڪري هِن ڪتاب سان شامل ڪيو ويو آهي. چوٿين ڪانفرنس ڀٽ شاهہ ۽ پنجين ڪانفرنس ڊُنڙي ۾ ٿي، جن ۾ بہ فقط جي. ايم. سيد افتتاحي خطبو پڙهيو. ڇهين ثقافتي ڪانفرنس سن ۾ ٿي، جنهن ۾ افتتاحي خطبو جي. ايم. سيد پڙهيو ۽ مشاعري جو صدارتي خطبو مون پڙهيو جو بہ ضميمو ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ون يونٽ خلاف زياده تر تحريڪ اديبن هلائي. فرانڪو خلاف اديبن جي انٽرنئشنل برگيڊ وانگر هِتي جي تحريڪ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ، ڪميونسٽ ۽ انارڪسٽ بہ شامل هئا. اُن ۾ ڪي سرڪاري ايجنٽ هئا، جن جو اسان کي دير سان پتو پيو. سال 1968ع ۾ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي استعفا ۽ منهنجي گرفتاريءَ کان پوءِ ساهيوال جيل جي ٽرم جو سارو احوال مان "ساهيوال جي ڊائريءَ" ۾ لکي چُڪو آهيان. رهائيءَ کان پوءِ ڪڏهن ۽ ڪيئن ڀٽي مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڪري ڪنيو ۽ مون کان شاعري کسي وٺي. مون اُن دور ۾ فقط "لڙيو سج لڪن ۾" شاعريءَ جو ڪتاب تخليق ڪيو البت مون مطالعو ۽ مشاهدو ڪافي ڪيو ۽ ڪافي سيرَ سفرَ ڪيم. اِن جو احوال مان پوءِ لکندس. جنرل ضياءَ الحق مون کي پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر يا هاءِ ڪورٽ جي جج ٿيڻ لاءِ آڇ ڪئي، پر ڪنهن ريت منهنجي جان ڇٽي وئي. مان وائيس چانسلريءَ جو 1980ع ۾ ٽرم پورو ڪيو ۽ سکر ۾ وري وڪالت شروع ڪئي، ايتري ۾ سکر ۾ هاءِ ڪورٽ پنهنجي بينچ قائم ڪئي.

سنڌ جي چيف جسٽس ۽ ڪراچيءَ ۾ منهنجي پارٽنر، عبدالحي قريشي، سکر ۾ مون کي چيو تہ هُن کي سنڌ جي گورنر مون لاءِ پيغام ڏنو آهي

تہ ”جنرل ضياءَ الحق ڪيس ڇيو تہ جي اياز ڪي اسلام آباد جي آب هوا نہ ٿي وڻي، تہ هن ڪي سنڌ هاءِ ڪورٽ تي جج ڪري ڪنيو وڃي.“ منهنجو بهرحال، جواب هو تہ ”مان هاڻي ڪيئي ڪيس ڪنيا آهن ۽ هن پيشي سان مطمئن هئس.“

❊ ❊ ❊ ❊

مون وڪالت ۾ انساني فطرت جي مطالعي ۽ مشاهدي جي جتي وچ ۾ ڳالهہ ڇڏي هئي، اُتان شروع ٿو ڪريان. ڪيترا نہ ڏوهي، ڏنگا، ڪوتا ۽ ٽيڙها مليا. مون کي وڪالت واري عرصي ۾! هڪ ڀيري مان روهڙي سب جج جي ڪورٽ مان پٽر جي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿس تہ منهنجو اصيل، جو ذات جو جاگيراڻي هو، مون سان گڏجي مون کي ڪار ۾ چڙهڻ آيو. مان جڏهن ڪار ۾ويٺس تہ بي پرواهيءَ سان ڪار جو دروازو بند ڪندي، هن جي آڱر ڪپجي وئي ۽ رت نينديون ڪري وهڻ لڳو. مان وِسو تي ويس، پر جاگيراڻيءَ ٿهڪ ڏنو ”تون ڇو ٿو وِسو ٿين، هيءَ ڳالهہ عين موقعي تي آهي. مان ٿاڻي تي فرياد لکايان تہ فريادي مون سان گڏ ڏاڪڻ مان لٿو تہ ور مان چاقو ڪڍي مون کي پٺي هنيائين. مون هن کي هٿ سان جهليو تہ منهنجي آڱر ڪپجي پئي. شڪار واهہ جو ڦاٿو آهي.“ انساني فطرت ۾ ڪهڙو نہ حيرت انگيز حيوان پوشيده آهي!

ڳالهہ جو تسلسل سنڌ مسلم هاسٽل ۾ موٽائي ٿو وٺي وڃان. هاسٽل جي سامهون ديوار کان ٻاهر رستي جي ٻئي پاسي جنهن جي سائي ۾ ڪيئي ڪوڙهيون عورتون ويٺيون هونديون هيون. اُنهن جا چپن ۽ آڱرين جا ڪجهہ حصا ڪوڙهہ کائي ڇڏيا هئا. اُهي ٽَري وڌائي ڀيک مڱنديون هيون. ديوار جي پٺ تان هڪ وسيع خالي پلاٽ هو. هڪ ڀيري سانوڻ جو مينهن شرڙاٽ ڪري وسي رهيو هو اُپ ۾ ڪنوڻ ڪجڪا ٿي ڪيا ۽ ٻہ مُنهينءَ وانگر وٺَ کائي رهي هئي. مان ورانڊي ۾ ويٺو هوس. مينهوڳيءَ جي موسم ۾ ورساري جي ويلَ ڪيڏو نہ وڻندي آهي! اوچتو مون ڏاڪڻ تان بوٽ جي ٺَپ ٺَپ جو آواز ٻڌو. منهنجو روم ميٽ (Room mate) هڪ وهرُيل وهڙي وانگر آيو ۽ تڪڙو تڪڙو باٿ روم جو دروازو بند ڪري، ٻن بالٽين مان پاڻي ڪڍي، صابڻ سان پاڻُ ڌوتائين. باٿ روم مان پاڻيءَ جي ڇاتار جو آواز اچي رهيو هو. ٽوال سان انگ اُگهندي، هو ٻاهر نڪتو تہ هو وهاٺيلُ ٿي لڳو. هن

پنهنجي تمندڙ شلوار قميص ڪمري مان ڇڪي ٻاهر ورانڊي ۾ رسيءَ تي وڌي، ۽ پوءِ هٿ ڪٽي چيائين، ”منهنجي توبه! ياخدا! مان وري ائين نہ ڪندس. هن پيري پنهنجي مهر ڪجانءِ!“ مون حيران ٿي هن کان پڇيو تہ ”يار ڇا ماجرا آهي؟“ هن جواب ڏنو ”ڳالهہ ئي نہ پڇ! رات تي ڇُڪي هئي، مان سائيڪل تي سوار هوس ۽ پوٽ مُنهنجن ڪُلهن تي سوار هو. مون رستي تي هڪ هندو بڪارڻ ڏٺي، جا وڏي آواز سان بڪيا گهري رهي هئي. مون سائيڪل روڪي هن کان پڇيو تہ ”هلنديءَ ڏهہ رپيا ڏيندو سانءِ!“ ”ڇي، ڇي، ڇي“ هن وراڻيو ”مون تيرٿ ڪيا آهن ۽ گنگا اشنان ڪري شُپ آئي آهيان. پڄي وچ نہ تہ رڙيون ڪنديسانءِ؟“ مون هيڏي هوڏي ڏسي فريئر روڊ تي پيو بڪيا لاءِ واڪو ٻڌو، چوڏاري ڪوئي نہ هو. مون سائيڪل روڪي بڪارڻ کي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. هن جهٽڪو ڏئي، هٿ ڇڏائي، مون کي ماءُ پيڻ تي گاريون ڏنيون. منهنجن ڪُلهن تي پوٽ وڃي آسمان سان لڳو هو. اوچتو پريان صدا آئي، مان اوڏانهن ويس ۽ سائيڪل روڪي بڪارڻ کي چيم ”هلبو؟“ هن کي هٿ ۾ خالي ٿالهي هُئي، جا منهنجي مٿي ڏانهن اُڇلايائين، پر مان ٽِر تان بچي ويس. لاچار مان هاسٽل ڏانهن موٽي آيس تہ رستي تي ٻہ ڪوڙهيون بڪارڻيون ڏٺيم، اُهي مان اڳي ڏينهن جو ٻہ ڏٺيون هُيون. مون هڪ کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيو تہ ”آءُ!“ هوءَ منهنجي پُٺيان لم لم ڪندي، ڪافي دور ميدان تائين آئي، مون هن کي پٺ تي ليٽائي پنهنجو مُنهن ڪارو ڪيو.“ مون چرڪي پڇيس تہ ”ڇا، هوءَ ڪوڙهي هئي؟“ جواب ڏنائين، ”رات جي اونده ۾ مون هُن کي پورو نہ ڏٺو پر ڏينهن جو اُتي مون ٻہ ڪوڙهيون بڪارڻيون ڏٺيون هيون.“ مون صبح جو پنهنجا ٽپڙ ويڙهيا. مون کي پڪ ٿيو تہ جي اها بڪارڻ ڪوڙهي هئي تہ مون کي ٻہ ڪوڙهہ ٿي پوندو! مون پنهنجو گلاس بہ نہ کنيو. ”ڇا معلوم هُن اُن ۾ رات جو پاڻي پيتو هجي!“ باک جو مان پنهنجي دوست وٽ روپ ولاس هاسٽل ۾ پهتس ۽ ٽپڙ اُتي رکيم، ۽ هن کي چيم تہ ”مون کي هاسٽل ۾ آئڊميشن وٺي ڏي!“ مون هندي ٻوليءَ جو ”تامشِي“ لفظ ٻڌو هو ۽ سوچيم تہ ”تامشِي پِراڻي پنهنجي تِرپتيءَ لاءِ ڪيڏا نہ جوکم ٿو کڻي!“

* * * *

وڪالت سان منهنجي ادبي زندگي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي هلندي هئي.
ان سان گڏ سنڌ جي شهر شهر جو سفر بہ هلندو هو. هڪ ڀيري فيض احمد فيض سکر آيو. ساڳيو ڊيل ڊول، قد ڪاٺ جو پورو پنو گهٽ ڳالهائو سارو وقت سگريٽ وات ۾. اُنهن ڏينهن ۾ سجاد ظهير هندستان هليو ويو هو. حسن ناصر مري چُڪو هو. هو ۽ مان برنس گارڊن ۾ ٽهلي رهيا هئاسين. رات جو سکر ميونسپالٽيءَ جي. سي. ايس پي ائڊمنسٽريٽر مقصود احمد حميديءَ وٽ ماني هئي. لاهور جو غزل گو شاعر ناصر ڪاظمي بہ هن وٽ لٿل هو. فيض ڳالهيون ڪندي چيو تہ "پارٽي ليڊر شپ نہ رهي آهي. مان چاهيان ٿو تہ پارٽيءَ جي از سر نو تنظيم ڪريون." مون هن کي صاف چيو تہ "تون ۽ مان نہ رڳو پارٽيءَ کي تنظيم ۾ آڻڻ جا اهل نہ آهيون، پر ڪنهن پارٽيءَ ۾ شامل ٿي نہ رهي سگهنداسين." مون هن کي ٻڌايو تہ مون هڪ ڪتاب "رومانوي جلاوطن" (Romantic Exiles) ۾ پڙهيو آهي تہ جرمنيءَ جي هڪ شاعر (نالو ياد نہ ٿو اچي) فرانس ۾ پناهہ ورتي، ۽ اُتي جرمنيءَ ۾ انقلاب لاءِ نوجوان، شاعر، ادب، دانشور ڪٺا ڪيائين، اُنهن لاءِ پُراڻي طرز جون بندوقون حاصل ڪيائين، ۽ سيني گڏجي جرمنيءَ تي ڪاهيو. فرانس ۽ جرمنيءَ جي سرحد لڳ هنن کي شڪست فاش ملي ۽ هنن جون وايون بتال ٿي ويون. نہ وري تون ۽ مان اُهو جبر ۽ زبان بندي برداشت ڪري سگهنداسين، جا پارٽيءَ ۾ شموليت جو نتيجو آهي. افسوس آهي تہ تو جهڙو عظيم شاعر، اختلافِ راءِ وارو ادب (Dissident Literature) نہ ٿو پڙهي، تو تہ "نقش فرياديءَ" ۾ لکيو آهي:

بول کے لب آزاد ہیں تیرے
جسم و زباں کے موت سے پہلے
جو کچھ بھی کہنا ہے کہلے
بول کے لب آزاد ہیں تیرے

"مون اهو وروڌي ادب پڙهيو آهي ۽ منهنجو رايو اهو آهي تہ يو. ايس. ايس. آر کان وڌيڪ آزادي پاڪستان ۾ آهي، جيتوڻيڪ هتي بہ بيورو ڪرسيءَ جو ٻکو مُنهن آهي. جي ڪائي اُميد آهي تہ عدليہ ۾ آهي."
فيض رنج سان جواب ڏنو "اياز! ٻي ڪا راهہ نجات تہ آهي بہ ڪانہ.

فيض جي اچانڪ موت جي باري ۾ پڙهي، منهنجي اکين ۾ ڳوڙها يرجي آيا هئا. چا، موت جو ڪوئي دندان ساز آهي، جو هن جا ڏند ڇڪي ڳڏيا!

فيض جي موت کان پوءِ مون هڪ نامڪمل غزل جو مطلع لکيو هو:

موت جي ڪيڏيءَ ڳِرَڻ ۾ روز ڇڪبا تا وچن
ڪيترا ڦيرا ڏئي سپ هيٺ ڏڪبا تا وچن!

* * * *

عشق ئي قيدِ حيات ۾ بندِ غم مان نجات آهي. هڪ ڪيس ۾ منهنجيءَ هر ڪوشش جي باوجود ڪاري ڪاريءَ کي موت جي سزا اچي وئي. هنن تي الزام هو تہ هنن گڏجي ڪاريءَ جي مُڙس کي قتل ڪرايو. جڏهن جج سزا جو ڪورٽ ۾ اعلان ڪيو تڏهن پيجري ۾ وينل جوابدار، جو ڪارو هو پنهنجي پرسان وينل ڪاريءَ کي ڇڪي ياڪر پاتا ۽ گهريون چميون ڏنيون. جج صاحب، جنهن پنهنجي ساريءَ نوڪريءَ ۾ اهڙي ڳالهہ نہ ڏٺي هئي، تنهن جوابدار کي تڙي ڏئي چيو تہ "اوهان عدالت جي توهين ڪري رهيا آهيو جنهن ۾ اوهان کي سزا اچي سگهي ٿي. جوابدار پادر لاهي جج ڏانهن ڦٽي ڪيو ۽ چيو تہ "ڦاسيءَ جي سزا تہ اڳيئي ڏني اٿي، ٿلها، ٿل ٿل جج! هيو کهڙو ڪجهہ پٽيندين." جج سپاهيءَ کي چيو تہ "هن بيوقوف جوابدار کي هتان ٻاهر وٺي وڃ!" ٻنهي جوابدارن کي جيل جا ڦاٽل ڪپڙا پيا هئا. مرد عورت جو چولو مٿي ڪري هن جا انگ مهتيا ۽ چميا بہ. پوءِ جج ڏانهن منهن ڪري چوندو ويو تہ "جي اپيل ۾ ڇٽي ويس، تہ پهرين گولي توکي دوُنَ ۾ هٽندس ۽ ٻي سرڪاري وڪيل کي." جج کي ڪنبٽي وٺي وئي ۽ ٽاڪرو ڪانوَ جي رنگ جهڙو گائون گهليندي، چيمبر ۾ ويو. "يــ....." هن جي پُٺ تان جوابدار چيو "تو ڪڏهن عشق ڪيو هجي تہ سمجهي سگهين تہ وڇوڙو ڇا آهي!" سپاهي ٻنهي جوابدارن کي ڇڪي جيل جي وئن ۾ چڙهي آيا.

* * * *

مٿين ڳالهہ لکندي، مون کي هڪ ٻيو ڪيس ياد آيو. هڪ پيري هڪ مختيارڪار جي زال جنهن کي ڪُنڊڙا ڪاڪُل هئا، ۽ ڳِڻن ۾ ڪڏون ٿي پيون، جن کي ايراني شاعر "چاهِ غب غب" چوندا آهن،۽ دقيانوسي غزل گو

سنڌي شاعر بہ ساڳيو لفظ استعمال ڪندا هئا. اُها هڪ پنهنجي مختيارڪار مڙس ڪي ۽ اُن مان ٻارن کي ڇڏي، ڪنهن هيڊ ڪانسٽيبل سان ڀڄي وئي هئي. مختيارڪار هيڊ ڪانسٽيبل تي ڪيس ڪيو تہ هن سندس زال زوريءَ ڀڄائي آهي ۽ هن جي ماءُ ڪان زر زيور ڪسي ڀڄي ويو آهي. فرياد روهڙي تاڻي تي ٿي هئي، جتي هو مختيارڪار هو. پوليس جاچ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ۽ هن تي ڪيس سيشن ڪمٽ ٿيو ۽ عزيز ميمڻ جي ڪورٽ ۾ هليو. مختيارڪار جي زال شاهد ٿي هئي! هن کي ٿاڻي تي ڪافي ماريو ويو هو ۽ هن چيو تہ هُن ”هيڊ ڪانسٽيبل ڪان ڪئي.“ جيستائين جج ڪورٽ ۾ اچي، مختيارڪار مون کي ڏسي زال کي چيو تہ ”ڪِني رن! پڳينءَ بہ هيڊڪانسٽيبل سان! ڪنهن ڊپٽي ڪليڪٽر سان تہ ڀڄين ها!“ جوڙس کي طيش اچي ويو ۽ جواب ۾ چيائين، ”مون کي ڊپٽي ڪليڪٽر نہ گهربو هو، مُڙس گهربو هو.“ هن وڌيڪ چيو تہ ”تو زيور بہ جوابدار جي ڪڍ لاتا آهن، اهي مون هُن کي تحفي ۾ ڏنا. زيور تنهنجي پيءُ جا هئا؟ سڀ رشوت مان نهرايا هُئئي. هن سان هڪ ٿي رات، توسان ساريءَ ڄمار ڪان چڱي هئي.“ پوءِ هن ٻانهن مان سونيون ڪنگڻيون ۽ سونو هس ڳچيءَ مان لاهي مختيارڪار کي منهن ۾ هنيو. ايتري ۾ سيشن جج عزيزالله ڪورٽ ۾ اچي ويو. هن سرڪاري وڪيل ڪان پڇيو تہ ”ڪهڙا ڪهڙا شاهد موجود آهن؟“ پوءِ چيائين تہ ”پهريون مختيارڪار جي زال جو بيان رڪارڊ ڪندس.“ هوءَ ڪٽهڙي ۾ آئي تہ شاهديءَ ۾ چيائين تہ ”هي هيڊڪانسٽيبل منهنجي مڙس لاءِ پلا تحفي طور کڻي آيو هو. منهنجو مڙس ڊِل بستگيءَ لاءِ ويو هو. مون دروازو کوليو تہ مون هيڊڪانسٽيبل کي ڏٺو تہ منهنجي دل ۾ ائين ٿيهي ويو جئن مڇيءَ جي ڪلين ۾ ڪُنڍي اٽڪي پوندي آهي. هن مُڇن کي وَٽُ ڏنو تہ جڻ باز وانگر منهنجو ساهہ ڪنيي ويو. جج صاحب! تون ٻاڻ ڏس هو سانورو سلوڻو ۽ تاريءَ جي ڪاٺ وانگر پختو آهي. هيڏانهن منهنجي مُڙس کي ڏس، پيٽ وڏو تڪڙ گنجي! اکيون ڇپري وانگر گول ۽ ڪن سهي وانگر اُيا اٿس! مون کي ڏس جج صاحب! منهنجون گوريون ٻانهون ڏس! مُنهنجو منهن ڏس! منهنجي هاٿي ڏس، جا ڪهوءَ جي ڪاني وانگر سنهي ۽ سڌي آهي! هيءُ منهنجي مُنهن تي پوي ٿو! هن ڏوڪڙ ڏئي منهنجو سڱ ورتو هو. زهر جو ڍُڪ پي، مون هن سان وقت گذاريو. پوءِ

پر مان پانيان ٿو تہ مري ويو هوندو. وڪالت مان اڪثر ناڪام وڪيل سب جج ٿيندا هئا ۽ هو اسان کان پنهنجي ناڪاميءَ جو بدلو وٺندا هئا.

هڪ پيري پيو سيشن جج، جو سکر مان ٽرانسفر ٿي ويو هو سو سکر ۾ ڪنهن ڪم سان آيو. منهنجي دوست شفيع محمد آخوند جي اوطاق ۾ اچي لٿو جا هن جي گهر کان ٻاهر هئي. ڪجهہ سال اڳي منهنجي اُنهيءَ جج وٽ هڪ لوطيءَ جي سزا خلاف اپيل هئي، جنهن کي غير فطري ڏوهہ (Unnatural offence) لاءِ ٻہ سال ٽيپ ملي هئي. هو چيمبر ۾ اپيل هلائي رهيو هو ۽ منهنجي روبرو جوابدار کان پڇيائين، ”چورو لسو هو؟ سچ ٻُڌاءِ تہ ڇڏي ڏيانءِ.“

جوابدار چيو ”ها، سائين؟“

”ڏاڍو لسو؟“ وري جج هن کان پڇيو.

”سائين! گهوٽڪيءَ جا پيڙا تہ ڪاڏا هوندءِ! پيڙو هو پيڙو!“

جج فتويٰ ڏني تہ ”مان جوابدار جي اپيل بحال ڪئي، ۽ هن جي سزا رد ڪئي.“

پوءِ مون ڏانهن منهن ڪري چيائين تہ ”جو ڏوهہ مان ڪريان ها، اُنهيءَ تي ڪنهن کي سزا ڪيئن ڏيان؟ تو يسوع لاءِ تہ پڙهيو هوندو تہ جڏهن ماڻهن جا هشام پٿر کڻي هڪ ڪاريءَ کي سنگسار ڪرڻ لاءِ بيٺا هئا، تڏهن يسوع هنن کي چيو هو تہ هُن ڏي پهريون پٿر اُهو اُڇلائي، جنهن اڪ سان بہ زنا نہ ڪئي هجي.“

جنهن وقت هو شفيع محمد آخوند جي اوطاق ۾ ويٺو جا ڳالهہ مون اڏ ۾ ڇڏي هئي، تنهن وقت هڪ ڳيرو جنهن کي مڇن جي ريهہ نہ لٿي هئي، هن جي پرسان ساڳئي صوفي تي ويٺو هو هن جي ٻانهن تي هٿ ڦيريندي مون کي چيائين تہ ”اياز! ڪم چوانءِ وعدو ڪر تہ ڪندين؟“

”جي ڪري سگهيس تہ ضرور ڪندس!“ مون جواب ڏنو.

اُن تي جج صاحب چيو تہ ”هِن جي قميص ڪيڏي نہ کهري آهي! ڪائي نفيس قميص وٺي ڏئينس تہ هن کي هٿ گهمائڻ سان دل ٺري پوي. هي شام جو تو وٽ آفيس ايندو.“

مون کي ڳالهہ ڏاڍي اُڪري لڳي ۽ ڇوري کان پڇيم تہ ”قميص گهڻي ۾ ملنديءَ؟“ هن جواب ڏنو تہ ”ٽي سوين رُپئين.“ مون کيسي مان ٽي سوَ رپيا

ڪڏي ڏنا، ۽ هن کي چيو تہ ”قميص پاڻ وٽ! منهنجي آفيس تي نہ اچجانءِ.“

دراصل سکر ۾ منهنجو ڪافي وقت جهنم ۾ گذريو. مان اجا تائين اُن جا شعلا ڏسي سگهان ٿو. زن صفت جج شهر کي چنبڙيي پيا هئا. جي لوط جي قوم مان ڪنهن کي بيهر جنم آڇيو وڃي ها تہ هُو سکر ۾ وٺي ها.

انگريزيءَ ۾ جي جنسيات جا لفظ آهن، ۽ عوامي گفتگوءَ جو حصو آهن. اسان وٽ اُهي فحش سمجهيا وڃن ٿا. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ هيو ڪوئي لفظ اُنهن جو هم معنيٰ آهي ۽ اسان جي ڪنن کي نٿو آئڙي. اسين انساني جسم جي مخصوص حصن جو ذڪر سنڌيءَ ۾ نہ ٿا ڪري سگهون. مان چاهيان ٿو تہ اِنهيءَ نقلي شرافت جي لوڙهي کي ڊاهي ڍير ڪريان ۽ ڍنگر هٽائي اُن مان رستو ٺاهيان. جي لفظ انگريزيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. سعديءَ جي ”بوستان“ ۾ البيلائيءَ سان ڪم اچي سگهن ٿا ۽ اسان جي سنڌي ڊڪشنريءَ جو حصو آهن. اسين استعمال ڇو نہ ٿا ڪري سگهون؟

سکر جون ڪهڙيون عجيب غريب ڳالهيون ياد اچن ٿيون! مان هڪ ڀيري سچل خان لباڻي جي گهر ويو هوس، جو بندر روڊ تي وچ تي هو. هڪ مينگهواڙ زائفان جنهن کي چانديءَ ۽ ٽامي واريءَ ڦيٽ سان سون جهڙو رنگ هو پٽڻ تي آئي. هن کي ٻانهن ۾ چانديءَ جي ڊگهي ٻانهين پيل هئي، چانديءَ جي ڦلڙين واريون چانديءَ جون جهمٽيون پيون هيون ۽ هوءَ منهنجي من ۾ کُپي وئي. هوءَ ٻيڙيءَ ۾ ٽپي تہ پٽيان هن جو مُڙس پنهنجي رڇ کي رسيءَ ۾ جهلي بيٺو هو رڇُ رنپ ڪري هن کان پاڻ ڇڏائڻ لڳو ۽ رسيءَ کي زور سان ڇڪيائين تہ هن جي مُڙس جي هٿ ۾ ڇَهَہ اَچي ويا. رڇ آزاد ٿي ٻيڙيءَ تي ٽپيو تہ مينگهواڙ هُن جي پٺي ٽپي، تہ هو ماٺ ٿي ويو! مون سچل خان کان پڇيو تہ ”هُن لُچي ۽ ڦتڪي پاڻ ڇو ٿي ڇڏايو.“ سچل خان جواب ڏنو تہ ”مينگهواڙ جو اصل مڙس تہ رڇ آهي.“ هُن جو مينگهواڙ مُڙس تہ فقط ڊيڀڪي وڄائي، پِن جا پيسا وٺندو هو. يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي پيءُ. اي مرحوم عطا محمد ٻُڌايو هو تہ ”هڪ پروفيسرياڻي پنهنجي پالتو ڪُتي کي بستري تي گڏ سمهاريندي هئي. ڪنهن خوبرو ليڪچرار هن کان پڇيو تہ ”ماڻهو هيئن ٿا چون، ڇا اِها ڳالهہ سچي آهي؟“ هن جي اکين جو آريون تيز ٿي ويون ۽ ليڪچرار کي چيائين، ”ماڻهو نہ سمهندا تہ ڪُتي کي نہ سمهاريندَيس تہ ڇا

ڪنديس. تون سمهين تہ مان ڪُتو زنجير سان ٻڌي ڇڏيان.“ مون عطا محمد کي چيو ”وڏي بي شرم آهي.“ هن جواب ڏنو تہ ”هوءَ اڪيلي رهندي آهي ۽ تنهائي کيس ڪاٽيندي آهي.“

عورت هِن وقت تائين مون لاءِ معمو رهي آهي. هڪ ڀيري بہ ساهيڙيون، جي حيدرآباد ۾ ملازم هيون ۽ جن سان منهنجي دوستي هئي، مون سان منهنجيءَ ڪار ۾ ڪراچيءَ هليون. مان هنن کي منهوڙي وٺي ويس، ۽ ٻيڙي ياڙي ڪري، مون هنن کي سمنڊ ۾ سير ڪرايو. ساموندي پکي مٿان ولر ڪري وڃي رهيا هئا. مون پنهنجيءَ دوست کي گهوري سوچيو ڇا، هيءَ اسان جي آخري ملاقات آهي؟ ڪجهہ دير کان پوءِ مان هنن کي چائنيز هوٽل ۾ ماني ڪارائڻ لاءِ وٺي ويس. اُها منهنجي دوست لاهور ۾ ڪافي سال رهي هئي ۽ ڪجهہ گهٽگهرا ٻولي لڏاهئائين. اسان جيئن هوٽل ۾ گهڙياسين، تہ هڪ پنجابي، جو اڪيلو ميز تي مانيءَ جو آرڊر ڏئي رهيو هو منهنجيءَ دوست کي ڏسي ڇرڪ ڀري، اُٿي بيٺو ۽ هن کي چيائين ”هتي منهنجي پرسان ويهو“ مان ڀانيان تہ هُن ڪافي هجت سان اسان جي دعوت تي ڪئي، پر منهنجون ٻئي ساهيڙيون هن کي ڏنو اڻ ڏنو ڪري، اڳتي خالي ميز تي ويٺيون . منهنجيءَ دوست چيو تہ ”هي شايد ٻُليو آهي.“ پوءِ جيسين اسان ماني کاڌي، تيسين هُن ڏانهن نہ ڏٺائين. هو ماني اڌ ۾ ڇڏي، بل ڏئي، هوٽل مان نڪري ويو. مون کي غالب جو شعر ياد آيو:

ہم کو اُن سے جفا کی ہے امید
جو نہیں جانتے وفا کیا ہے

اُن واقعي هن مان منهنجي دل کٽي ڪري وڌي. جي هوءَ پنهنجي پراڻي آشنا جي دعوت تي ويهي رهي ها، تہ هن جو ٿورو گهڻو راز تہ افشا ٿئي ها، پر هُن جي پراڻي آشنا کي ايتري مايوسي نہ ٿئي ها. مون سمجهيو تہ ممڪن آهي تہ ٿوري وقت کان پوءِ مون سان بہ ائين هلي. ٿيو بہ ائين، هوءَ منهنجيءَ ڪيتري نہ شاعريءَ جي پس منظر ۾ هئي. مون سوچيو تہ ”عشق بہ حُسن وانگر ناپائدار آهي.“ پر مون کي ڪهڙو حق آهي تہ مان هن مان ايتري توقع رکان؟ هوءَ هڪ آزاد پرندو آهي، جنهن وڻ جي ٽاريءَ تي چاهي، پل اُن تي ويهي. اڳ منهنجي پڃري ۾ وجڻ لاءِ هوءَ ڪيتري نہ اُتاولي هئي، پر مون

پڇري جو در نہ کوليو هو! مون کي هن جي آزادي وڻي هئي، ٿڌيءَ هير جي جهُلڪي وانگر. وهندي نديءَ جي ڇُلڪي وانگر! پوءِ هن جي ياد منهنجي شاعريءَ جو حصو ٿي وئي هئي ۽ ٻين محبوبائن سان ملي هڪ محبوبا ٿي اُڀري هئي. مون هن کي عارضي محبت جي بدلي ۾ زندگيءَ جاويد ڏني. هوءَ منهنجي شاعريءَ ۾ تا ابد زنده رهندي. آلاجي غالب ڇو ٿو بار بار ياد اچي!

هاں وہ نہیں خدا پرست جاؤ وہ بے وفا سہی
جس کو ہو دین و دل عزیز اس کی گلی میں جائے کیوں

ڪيئن چئجي تہ معمو حسن آهي يا عشق؟ مان ڀانيان ٿو ڪ پوري انسان ذات هڪ معمو آهي. ورهاڱي کان اڳ مان ۽ منهنجو دوست، [illegible] ارجن شاد، اڄ جي مزار قائد جي ڀرسان ميدان تي لڳل نمائش ۾ وياهئاسين. اُتي مون کي ارجن چيو تہ ”سامهون ٿي ماڻهو ڏسين ٿو؟“ اُنهن ۾ هڪ هندو استري هئي ۽ ٻہ مڙسالو هئا. ارجن وڏيڪ ٻڌايو تہ ”انهن ٻنهي مڙسالن مان هڪ اِنهيءَ اِستريءَ جو مڙس آهي، وهڪجي ويو آهي. ۽ ٻيو مڙسالو هن جو سينڌو آهي. ٽئي ساڳئي گهر ۾ رهندا آهن. سينڌو ڪٿندو ڪمائيندو نہ آهي، فقط هن جي استريءَ جي ترشنا ٻُجهائيندو آهي.

ٻئي ڀيري منهنجي هڪ دوست ٻڌايو تہ ڪالهہ رات مون کي هڪ گواني ڪرسچن، جو جوءِ جو دلال هو پنهنجي گهر وٺي هليو. جڏهن مان هن جي جوءِ سان ڪمري ۾ ويس ۽ عياشي ڪري رهيو هوس تہ ٿوريءَ دير کان پوءِ مٿان آواز ”ويري گُڊ“ (Very Good) ”ويري گڊ“ ٻُڌم. ڏٺم تہ گواني ڇوڪريءَ جو مڙس وينٽي ليٽر مان ويري گڊ، ويري گڊ ڪري تپا ڏئي رهيو هو. مون گواني ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ ”هي ڇا ڪري رهيو آهي؟“ هن جواب ڏنو تہ ” هُن جي نفس کي آرام تڏهن ايندو آهي، جڏهن هو مون کي ڪنهن سان همبستر ٿيندي ڏسندو آهي.“

مون وٽ ڀهراڙيءَ جي هڪ ڪرڙوڙ زميندار جو ڪيس آيو جنهن پنهنجيءَ ٻيءَ زال کي بندوق هڻي، ماري وڌو. جڏهن مون اسپيشل جيل تي وڃي ڪانئس حقيقت پڇي، تہ هن وراڻيو تہ ”منهنجي ٻي زال سورهن سترهن ورهين جي هئي، جڏهن ٻہ سال اڳ مون هن سان شادي ڪئي هئي. هوءَ منهنجيءَ پهرينءَ زال کي ڏسي جلندي پڄرندي هُئي. ڪنهن وقت تہ ائين

لڳندو هو تہ ٽانڊڻ تي ٽڙڪي رهي آهي. هوءَ منهنجي گهر ڪان ٿورو پرتي هڪ زميندار سان نهي وئي. ڪنهن وقت ماءُ ڏي وڃڻ جو بهانو ڪري هلي ويندي هئي. هڪ ڏينهن مون گهٽيءَ مان لڪندو ڇپندو هن جي پٺ ورتي. پريان ڏٺم تہ ماءُ جي گهر نہ، يار جي گهر وئي. مون کي ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي، پر ڇيم تہ جي هن کي گهٽيءَ ۾ ماريم تہ شهر ۾ ڇؤ پڇؤ ۽ بدنامي ٿيندي، سو گهر موٽي،بندوق ۾ ڪارتوس پري رکيم. جڏهن موٽي آئي، تہ مون هن کي چيو تہ "ماءُ ڏي تہ نہ وئي هئينءَ، يار ڏي وئي هئينءَ."هوءَ پهريون هڪي ٻڪي ٿي وئي، پر پوءِ چيائين تہ "توکي بہ زالون ڪرڻ جو حق آهي، مون کي بہ مڙس ڪرڻ جوحق نہ آهي؟" مون هن کي طلاق ڏيئي چيو تہ "پنهنجي يار سان شادي ڪري مون سان ياري رک، جيئن مان هن سان پلئہ ڪري سگهان."

سکر ۾ منهنجو هڪ وڪيل دوست ۽ هن جو مامو ڪنهن شاديءَ ۾ وينا هئا. مامي ڀاٽيجي جي عمر ۾ ڏهاڪو سال فرق هو پر هو شودپائيءَ ۾ جهُٽ هوندا هئا. هڪ پيري هوشاديءَ جي دعوت تي وينا هئا، هُن جي مٿيءَ ماٽيءَ ۽ اوڙي پاڙي واريون زالون بہ وينيون هيون. انهن ۾ لُچيون ۽ ڇنال بہ هيون. منهنجي وڪيل دوست ۽ هن جي مامي پاسو وٺي کين چيو تہ "اسين ٿوريءَ ديرم اٿون ٿا، اوهين اسان جي پُٺ تان اچو!" اٿين هو ٻنهي زالن کي وٺي، منهنجي وڪيل دوست جي گهر ويا. منهنجي دوست جي زال جو ڏٺو تہ ٻئي لُچيون پاڙيسرياٽيون اڌ ڪلاڪ کن نہ موٽيون ۽ هن جو مڙس ۽ مامو بہ نہ موٽيا، تہ هوءَ سڌو پنهنجي گهر وئي. اجا منهنجو وڪيل دوست ۽ لچيون زالون ڪمري ۾ ڪپڙا لاهي رهيون هيون، تہ هوءَ بہ اچي پهتي، ۽ مڙس کي چيائين تہ "مون کي شاديءَ ۾ ڇڏي تون گلڇرا ٿو اُڏائين!" منهنجي وڪيل دوست بہ ڪٿي هم نہ تم ۽ زور سان لپاٽ هڻي، هن کي چيائين تہ "اج تنهنجي چنچري لاهڻي پوندي" پوءِ هُن کي بہ ٿي لتون بہ هنيائين. هُن جون پاڙيسرياٽيون، ڪارا برقعا ڪڍي رفو چڪر ٿي ويون.

منهنجو وڪيل دوست چاليهارو سال اڳ جيري جي ڪئنسر ۾ مري ويو. هن جي زال پهريون دفعو مون وٽ ڄامشوري ۾ آئي ۽ پنهنجي پُٽ جي پروموشن لاءِ چيائين، جو يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار هو. مون هن کي پهريون پيرو ڏٺو هو. هوءَ وهي مُڙي ڇُڪي هئي، پر هن ۾ ڳرني جي ڳُل واري سفيد شگفتگي هئي. مون هن جي پُٽ کي پروموٽ ڪري ڪاغذ سنڊيڪيٽ

جي اڳيان رکيا. انهيءَ کي چار سال گذري ويا. مان سکر موٽي آيو هوس ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو هوس. هڪ ڏينهن هُن اوچتو فون ڪال ڪري چيو تہ ”ادا! اوهان سکر ۾ آهيو تہ اچو بہ نہ ٿا.“ مان هن جي چوڻ تي هن جي گهر ويس ۽ هُن جي نوڪرياڻيءَ کي چيم تہ هُن کي سڏي. هوءَ پهرينءَ منزل تان هيٺ لهي آئي. ستر ٻاهتر ورهين جي عمر ۾ بہ هوءَ گلاب جي گُل وانگر ٿي لڳي. دوست جي بيوه هئي، اِن ڪري مون اکيون جُهڪائي ڇڏيون. هن منهنجو ڌيان ڇڪائيندي چيو ”منهنجو مُڙس تہ اوهان جو دوست هو ٻڌا اوهين ڄاڻو ٿا تہ هو مون سان ايترو بُرو ڇو هلندو هو! مون ۾ کهڙي گهٽتائي هُئي، جو هو گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئندو هو!“ مون دل ۾ چيو تہ ”تون تہ شفاف چشمي وانگر آهين. منهنجو دوست بدبخت هو جو هن تنهنجو قدر نہ ڪيو.“ ”پاڻ تہ ڇُڙي ڇُڪي مري ويو.“ هن سختيءَ سان چيو ”پر مون کي تہ رڻ ۾ رولي ويو.“ مون اکيون مٿي ڪري ڏٺو تہ هوءَ رڃ ۾ هرڻيءَ وانگر ڪنهن جهرڻي جي تلاش ۾ نظر آئي. ايتري ۾ مون هن ڪان موڪلايو ۽ چيو ”ويو وقت واپس تہ نہ ٿو موٽي اچي! پر پنجيتاليهہ سال ٿيا آهن اوهان پنهنجي مُڙس کي نہ بخشيو آهي.“

”بخشيان؟ مان تہ چاهيان ٿي تہ هُن جي قبر کي ائين لتون هڻان، جيئن هُن مون کي هنيون هيون.“ عشق ۽ عقل ڪڏهن گڏ هلي نہ سگهيا آهن. ٻئي قابيل ۽ هابيل جي زماني ۾ هڪٻئي جا دشمن آهن. اک اڙجي وئي تہ ماڻهو سڀ ليڪا لنگهي ويندو. شرم، حياءُ، ياري دوستي، مٽي مائٽي، ذات پات، پاڙو اوڙو سڀ اورانگهي ويندو. اکيون اکين ۾ اِئين جڪڙجي وڃن ٿيون، جيئن زنجير جا ڪڙا هڪٻئي ۾ جڪڙجي ويندا آهن. ان لاءِ ماڻهو وطن وڪڻي ڇڏيندو زندگيءَ جا نظريا ۽ نصب العين تڏا ذٽي هٽائي ڇڏيندو. موت کان جيڪڏهن ڪوئي ڏاڍو آهي تہ اُهو عشق آهي. جنت عشق جي آغوش اڳيان ڪهڙي شيءِ آهي! عشق اهو انڌيرُ آهي، جنهن ۾ دير نہ ٿي لڳي. ٻہ آئينا هڪٻئي کي ڏسن ٿا، هڪ جو ٻئي ۾ عڪس پوي ٿو ۽ تقدير تي مهر ثبت ٿي وڃي ٿي! عشق، جسماني يا روحاني، فاني يا لافاني، هر ڳالهہ کان اُتم آهي.

خميسي معرفاڻيءَ جي يارَ عيسي معرفاڻيءَ هن سان گڏ ڳڙهي ياسين ۽ شڪارپور ۾ گڏجي چوريون ڪيون هيون، ڌاڙا هنيا هئا، گڏ پوليس لاڪپ ۾ رهيا هئا، گڏجي سزائون ڪاٽيون هئائون ۽ گڏ جيل جي لوهر خاني ۾ مِلِي

ڪم ڪيو هئائون. هو پڳ متو يار هئا ۽ هڪبئي تي گهور ويندا هئا. خميسي جو هڪ زائفان موران معرفاٽيءَ سان عشق ٿي ويو. بئي راهہ ويندي ملي ويا. موران لسيءَ جي چاڏيءَ ۾ مکڻ کڻي، ڳوٺ ۾ وڪري لاءِ تي ويئي. خميسي ڪٽي ٻانهن ۾ هٿ وڌس. عشق ۾ هَٿُ هٿڪڙي ٽيندو آهي. موران سوگهي ٿي وئي. هيڏانهن ڏنائين تہ ڪوئي نظر نہ آيس. خميسي کي چيائين "رات گهر کان ٻاهر کيت ۾ ملنداسين." آسمان ۾ چوٿينءَ جو چنڊ هو. ٻئي جوئر جا ڪانا هٿائي، ڏرتيءَ جي بستري تي سمهي پيا. مٿان آسمان ڪتين جي ڪنمالَ جهلي بينو هو. پوءِ ڏهاڪو ڏينهن هو گڏبا رهيا. نيٺ پڇي هلڻ جي سِٽ ستيائون. موران اڳيئي سؤٽ سان مڱيل هئي. خميسي عيسي سان صلاح ڪئي. عيسي چيس، "وارو ڪرا گل بڪاولي ملي آتي." عيسي گل بڪاوليءَ جو قصو هڪ داستان گو کان شڪارپور ۾ پير الف شاهہ جي پڌر ۾ ٻڌو هو. اُن وقت کان هن کي ڪنهن گُل بڪاوليءَ سان ياريءَ جو شوق هو. ٻئي اڌ رات جو ڻئي تيل وقت موران کي گهر جي ٻاهران مليا. ٻنهي جون تکيون ڪهاڙيون. جن کي ٻہ گرانئيون ڊگها رُڪ جا ٺر هئا. پير پير ۾ ڳوٺ مان نڪري ويا. پوءِ شڪار ڏي پنڌُ ڇڪيائون. عيسو هن کي رُڪ ۾ رهندڙ پنهنجي سَؤٽ ڏانهن تي وٺي ويو! جڏهن سنڌ واهہ ٽپيا، تڏهن خميسي چيو تہ يار ٿوري اک لائي وٺون. پوءِ موران کي سرنهن جي وڻ پنيان وٺي ويو. چاندوڪيءَ ۾ وڻ جي پنيان بيهي عيسي ٻنهي کي ڪپڙا لاهيندي ۽ سُڪيءَ ڪسيءَ ۾ ليٽندي ڏٺو موران جي اوگهڙ ڏسي عيسي دل ۾ چيو تہ "گل بڪاولي". خميسي ڪهاڙي ٿورو پرتي رکي هئي. عيسي اُها ڪهاڙي وڻ جي پنيان لڪائي ۽ پاڻ واري ڪُهاڙي خميسي جي ڪنڌ تي رکي چيائين تہ "اُتي نہ تہ گردن اُڏائي ڇڏيندوسانءِ" پوءِ هن خميسي کي ڪُهاڙيءَ جي پاهي سان ڪلهن تي زبرا ڌڪ هنيا. خميسي رڙ ڪئي ۽ ٻانهن لڙڪائيندو وٺي ڀڳو. هن جي ڦٽيءَ ۽ ڪلهي وارو هڏو پڇي پيو هو. پاڻ کي بيوس ڏسي، هو موران جي ڳوٺ پهتو ۽ هن جي پيءُ کي جاڳائي چيائين تہ هو شڪارپور کان ڳڙهي ياسين موٽي رهيو هو تہ گواز واهہ وٽ موران کي عيسي سان ويندو ڏٺائين. هن عيسي کي چيو تہ "ڳوٺ مان اِئين ڪنواري مائٽياڻي کڻي تو چڱو ڪم نہ ڪيو آهي. ان تي ٻئي تکا پئجي وياسين، ۽ عيسي مون کي ڪنڌ تي ڪهاڙيءَ جو پاهو هڻي هِيءُ حال ڪيو."

موران جي پيءُ گهر ۾ ڏنو تہ موران ڪٽ تي ڪانہ هُئي. هن کي خميسي جي ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿي آيو ڇو تہ ٻئي تر ۾ جهُٽَ مشهور هئا. صبح سان موران جي پيءُ ڳڙهي ياسين ٿاڻي تي فرياد لکائي تہ عيسو هن جي ڌيءُ موران کي زبردستيءَ اغوا ڪري ويو آهي، ۽ خميسي جو شاهديءَ ۾ نالو ڏنائين. پوليس خميسي جو بيان ورتو هن جا رت لڳل ڪپڙا لهرائي مشيرنامو ناهيو ۽ هن کي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ لاءِ موڪليو. پوليس خميسي کي رُڪ ۾ ڳولي بنا مقابلي گرفتار ڪيو عيسي وٽ فقط ڪهاڙي هئي، پوليس وارن کي بندوقون هيون. عيسي جڏهن مون کي وڪيل ڪيو تہ هن ساري ڳالهہ ٻڌائي. موران کي مار موچڙو ڪري 164 جو بيان ڏياريو ويو هو. ڪورٽ ۾ هوءَ انهيءَ تان ڦري وئي ۽ ساري حقيقت ڪورٽ کي ٻڌايائين تہ "هاڻي عيسو منهنجو مُڙس آهي، جي خميسو مڙس سان مڙسيءَ ويڙهہ ڪائي مري وڃي ها تہ مان هُن سان گڏ پورجان ها، پر هو تہ پاڙيو اڌ ۾ ڇڏي وني سر بچائي ڀڳو. مان بالغ آهيان ۽ عيسي سان ويندَس."

ڪورٽ عيسي کي ڇڏي ڏنو. عيسي جا پنج ڇهہ مائٽ ٻاهر تيز ڪهاڙيون کڻي بيٺا هئا، جي موران کي سينٽرل جيل تي وني ويا، جتي عيسو رها ٿيٺو هو.

مٿئين ڪيس جي حقيقت لکيم تہ لڇمڻ ڪومل جو هيٺيون خط پهتو. مان چاهيان ٿو تہ منهنجا پڙهندڙ اهو خط اِن ڳالهہ جو اندازو لڳائڻ لاءِ پڙهن تہ منهنجا ڪي دوست ڪيترا نہ دلچسپ آهن، انڪري ماضي پاسي ڪري، مان اُنهن کي پنهنجي حال ۾ شريڪ ڪريان ٿو:

نئي دهلي

18 نومبر، 1997ع

پيارا اياز

مان هفتي کن لاءِ جوڌپور بارمير ۽ جيسلمير جي دوري تي ويو هيس، گوپيءَ[1] جيسلمير ۾ فون تي توهان جو خط پڙهي ٻڌايو. ڪالهہ موٽيو آهيان. جيسلمير جي سورنهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي مومل جي ماڙي آهي. ڏسي ڏُک ٿيو تہ ڪاڪ ندي ساري سُڪي پيئي آهي ۽ ڪاڪ محل پڙيانگ لڳو

[1] گوپي: لڇمڻ ڪومل جي ڌرم پتني.

پيو آهي. پرسان ئي جين ڏرم وارن جو هڪ عاليشان مندر آهي، جتي روز ويڪرو ٿانءُ کير جو پري رکندا آهن ۽ روز هڪ وڏو نانگ کيرُ پي، ٿانءُ خالي ڪري ويندو آهي. مون نانگ تہ نہ ڏٺو آهي، پر اَمرڪوٽ (يا عمر ڪوٽ) جا بہ چوڪرا جيڪي سوڍا ذات جا هئا، مون سان گڏ هئا، اُنهن ٻڌايو تہ اُنهن نانگ کي رات جو کير پيئندي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. اُهو نانگ مومل جي ڪاڪ محل جي رکوالي ڪندڙ نانگن جي نسل مان آهي. جيسلمير جي ڪن هوٽلن ۽ پاڙن ۽ دُڪانن جا نالا "مومل" آهن. اها ڳالهہ بنهہ ويسهہ جهڙي آهي تہ صبا رفتار اُٺ رات رات ۾ امرڪوٽ کان ڪاڪ محل تائين اچي وڃي سگهي ٿو. هڪ ٻيءَ روايت موجب شاهہ لطيف ڪاڪ نديءَ تائين آوَس آيو هو. يقين ڪر تہ مون هُوبهُو شاهہ لطيف جهڙيءَ شاهاڻي شخصيت وارو شخص جيسلمير ۾ پاڻ ڏٺو حالانڪ اُن ئي شهر ۾ غازي فقير جهڙا رهزن ۽ رساگير بہ رهن ٿا. گلابي پٿرن مان جوڙيل جيسلمير ڪنهن رومن شهر جيان رومانوي لڳندو آهي. ڪڏهن اوهان مون سان اُتي هلو تہ اوهان جي شاعريءَ جو هڪ نئون مجموعو اِن ماحول تي مڪمل ٿي وڃي. هر رات بہ هزار کن سياح پٿن تي باهيون ٻاري نچندا ڳائيندا ۽ دُنگ چاڙهيندا آهن.

اياز مان روحانيت جو گهٽ قائل پئي رهيو آهيان. اسان جي ناراضگي رڳو بنياد پرستيءَ سان آهي، روحانيت هڪ Elemental[1] جذبو آهي، حالانڪ اِن جو Elementry[2] پهلو عقيدت مندي پڻ آهي، جيڪو ڪڏهن پير پرستيءَ تي پهچي ويندو آهي، پر اُهو بہ ڪنهن رُخ رويي، نظرئي، عقيدت يا مت جي معرفت يا ماتحت هوندو آهي. مثلاً شاهہ لطيف جي شاعري روحانيت جي Elemental level تي آهي ۽ هن جي همعصر شاعر شاهہ سراج اورنگ آباديءَ جي شاعري بہ روحانيت جي Elementry سطح واري روحانيت آهي. (سراج شاهہ لطيف کان ويهہ سالن کن ننڍو هو ۽ ويهہ سال اڳ ۾ انتقال ڪيائين.) هن 24 سالن جي عمر ۾ پنهنجي مرشد جي چوڻ تي شاعري ترڪ ڪري ڇڏي. هو پنهنجي پوري ڪُليات ڇڏي ويو آهي. توهان جي روحانيت تہ لطيفي سلسلي جي هڪ مضبوط ڪڙي آهي،

---

1 Elemental
2 Elementry

باقي ٽئگور جي روحانيت هن جي ذات پاين ڪي بہ نہ ٿي آئڙي هو تہ لولي ڏئي سُمهاري ڇڏڻ وارو شاعر آهي. بهرحال نظريات نسيم حجازيءَ ۽ آچاريہ چترسين شاستريءَ وٽ بہ آهن. گوپيءَ کي خواجا غريب نواز اجميريءَ لاءِ گهڻي عقيدت آهي. هن ڪي اهو وشواس ويهجي ويو آهي تہ ٻن ڏيئرن کان پوءِ ڇهن سالن بعد خواجا جي دعا مان ئي اسان کي "لالي"[3] مليو آهي. هر سال هوءَ اُتي چادر چاڙهڻ ويندي آهي. ستين ڊسمبر تي منهنجي وڏي ڌيءَ رجني ۽ جنوريءَ ۾ ننڍي ڌيءَ سنڌو بہ گرين ڪارڊ وٺي آمريڪا وڃي رهيون آهن، پر اُسهڻ کان اڳ ۾ ٻنهي جو خواجا جي درگاهہ تي سجدو لازمي آهي.

اياز اسين ڏکويل آهيون تہ "بنياد پرستيءَ" جا، جيڪا ڪنهن بہ صورت يا فارم ۾ ڪراهت جهڙي آهي، جنهن کان اسين ڏينهن رات پناهہ گهري رهيا آهيون. آلائي ڪيئن آچي هن جهنم ۾ ڦاٿاسين. خلائن ۾ جميل نابين نظرون آلائي ڪنهن کي ٿيون گهوري ڏسن! ڪنڌ ورائي ٿا ڏسون تہ لڳي ٿو تہ عمر جون سوين صديون اک ڇنڀ ۾ گذري ويون آهن.

اڄڪلهہ هتي هڪ اڌ - بينگالي ۽ اڌ - مليالي ليکڪا محترمہ اروندتي راءِ جي ڏاڍي ڌوم متل آهي. مائي هتي دهليءَ ۾ آرڪيٽيڪٽ آهي. هن جي پهرئين[1] ڪتاب God of small things کي بُڪر پرائيز (Booker Prize) مليو آهي. ۽ ڪتاب جي پيشگي رايلٽي چار ڪروڙ رُپيا. 37 سالن جي هن ليکڪا تي ڪيرالا جا نمبوديرپاد وارا ڪميونزم جي خلاف زهر اوڳارڻ جي ڏوهہ ۾ مقدمو دائر ڪرڻ جو سوچي رهيا آهن، انگلنڊ جي هڪ اديب راءِ زني ڪندي چيو آهي تہ "هي ماڻهو اسان وٽ ٽئڪسيون هلائڻ ٿا اچن ۽ اسان جا جوڪر جهڙا ادبي انعام وٺي ٿا وڃن." مون ڪتاب بہ پيرا پڙهيو آهي ۽ چاهيان ٿو تہ توهان بہ پڙهو. اِتي ملي نہ سگهي تہ مان هتان موڪلي ڏيانوَ. ڪتاب 21 ٻولين ۾ ترجمو ٿي رهيو آهي. اوهان جي ڪتابن "ڪٿي نہ پيجبو تڪ مسافر" ۽ "ڪاري رات ڪُهنگ" جو بي صبريءَ سان انتظار آهي.

رام امر لعل پنجواڻيءَ (مصنف جي جوانيءَ ۾ هڪ اديب دوست) کي

---

[3] لالي - لڇمڻ ڪومل جو پُٽ.

[1] ننڍين شين جو خُدا.

اوهان جو خط پهتو. مون هن کي اوهان جا سڀ ڪتاب پڙهايا آهن. عيني* اڄڪلهہ پنهنجي، آتم ڪهاڻيءَ جو ٽيون حصو لکي رهي آهي، جيڪو ماهوار ”آج ڪل“ ۾ سلسلي وار شايع ٿي رهيو آهي.

وڏيڪ توهان لاءِ ۽ ياجائي لاءِ

عزت ۽ ادب

اوهان جو

لڇمڻ ڪومل

مان مٿئين خط کي ڏسي، فقط ايترو چوندس ”لڇمڻ! تنهنجي سنڌي پڙهي، ڪهڙو سنڌي توسان ڪِٿي ڪري سگهندو آهي؟“

* * * *

وقفو پورو ٿيو واپس وڪالت ڏانهن:

سکر ۾ لِساني فساد هئا. منهنجي گهر جي چوڌاري مهاجر رهندا هئا، جن ۾ ڪي پڙهيل ڳڙهيل هئا ۽ ڪي بريليءَ جا ڪونجڙا هئا، جن کي الف بي جي خبر نہ هئي. بهرصورت هر ڪنهن کي اهو تاثر هو تہ اهو لساني مچ مون مچايو آهي ۽ مون کي گھُوڙين اکين سان ڏسندا هئا.

پريل پنيرو عطا محمد پنيري جو مائٽ هو جو جنهن جو ذڪر آءٌ پو٣ ٿو ڪريان، پهرين عطا محمد پنيري بابت بہ اکر لکان، جو منهنجو ڪافي وقت جونيئر هو پر پوءِ وڪالت ڇڏي زميناري ڪيائين. ڪجهہ سال اڳي هن سورلي جو انگريزي ڪتاب ”ڀٽ جو شاهہ“ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو سنڌيڪا وارن ڇپايو آهي. مون ٻڌو آهي تہ ٻيا ڪجهہ ڪتاب بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آٿائين. (هڪ ڏينهن هڪ دفعي عطا محمد پنيري جي مائٽ، پريل پنيري اچي منهنجو در کڙڪايو هو پيل پائي جيڏو ڏِگ مڙس هو. بيهڪ ۾ هيمنگ وي جي ذڪر ڪيل مست سانَ وانگر، جيڪو ٽوني سان ٽرڪ اونڌي ڪري سگهي. هو مون لاءِ ست ٽتر ماري، حلال ڪري، اُنهن کي چلي صاف ڪري آيو هو. مان ٻاهر نڪتس تہ هن ٽتر مون کي ڏئي چيو ”جيستائين جيئرو آهيان، توکي ٽتر پيو کارائيندس.“ هن کي ڳُلهي تي

---

* عيني: قرة العين حيدر هندستاني ليکڪا

هڪ ٻَڌَ هئي ۽ ٻئي تي هڪ ڇيلو ۽ دونالي بندوق هئي. هن ٻَڌَ ڏاڪن تي رکي چيو تہ "هيءُ جوئر جو آتو آهي ۽ هيءُ ڇيلو جڏهن تتر پورا ٿين تہ ڇيلو ذبح ڪرائجانءِ."

مون کي مڙس ماٺهو وٽندا هئا. پريل پنيرو سورهيہ مَهَلَ وارو ٿورائتو ۽ وير وَنو هو. ويڙهہ ۾ هو وڻ وجائي ڇڏيندو هو. هو وقت جو يار نہ هو ۽ نہ وقت کي سلام ڪندو هو. هو هيٺي سان هيٺو ۽ ڏاڍي سان ڏاڍو هو. عطا محمد پنيري مون کي هن جي پارت ڪري چيو هو تہ "چوڏنهن سال ٿيا آهن, جو پيرل تي خون جو ڪيس هلي رهيو آهي. هو ڪُسڙجي ويو آهي. تون شڪارپور سيشن ڪورٽ ۾ ٻين ڪيسن سان هن جو ڪيس بہ هلائي اچجانءِ ۽ هن کان في نہ ونجانءِ. هو منهنجو ذات ڀائي ۽ وقت تي دوست يا محسن لاءِ سِرُ بہ ڏئي ويندو آهي." هڪ ڏينهن اِگ مان پيو ڪم ڇڏي, ڪار ۾ سيشن ڪورٽ شڪارپور ۾ هن جي ڪيس جي فتويٰ ٻُڌڻ ويو هوس. هن تي اهو ڪيس ارڙهن سال پئي اينگهيو ۽ مون اُن کي هڪ سال ۾ نبيائي ڏنو هو ۽ جوابدار جي بيان کان پوءِ لاڳيتا بہ ڏينهن ٻارنهن ڪلاڪ تقرير ڪئي هيم. جج هن کي ڇڏي ڏنو هو ۽ آرڊر ڪيو هئائين تہ "فتويٰ پوءِ لکي ويندي." فتويٰ ٻُڌي, پيرل مون کي پيرين پيو هو تہ هن جي جهڪيل ڳُڻي منهنجن ڪلهن سان ٿي لڳي.

ٻئي ڏينهن تي هو تتر, جوئر جو اٽو ۽ ڇيلو ڪٺي آيو ۽ چيائين تہ: "ڇيلي کي ڪٽ سان ٻڌي ڇڏ." هو پٿر جي ڏاڪڻ جا ٿي ڏاڪا مٿي چڙهي, منهنجي گهر آيو. ور مان فُٽ ڊگهي ڦر واري تيز ڪهاڙي ڪڍي, هن در لڳ پاٽيءَ جي مشين جي دڪيءَ تي رکي. پوءِ وري مون کي پيرين پئي چيائين تہ "مون ٻُڌو تہ خطرو ڏسي, تو ٻار شڪارپور موڪلي ڇڏيا آهن. مون سمجهيو تہ تون خطري سبب بزار نہ ويندو هوندين, ان ڪري هيءُ جوئر جي اَٽي جي ٻَڌَ ۽ ڇيلو ڪٺي آيو آهيان, جي ڪاٽي هجيئي تہ واهہ, نہ تہ ڇيلو ڪُهاڙيءَ سان حلال ڪري, توکي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڏيان. اهي تون فِرج ۾ وجهي ڇڏ! مان تنهنجي گهر رهندس, تو لاءِ ماني پچائيندس ۽ توتي پهرو ڏيندس." پوءِ آهستي پڇيائين تہ "ڪارتوس آٿي؟" مون هن کي جواب ڏنو "پنجاهہ کن تہ آهن." "بس, بس, بس!" پريل چيو "مان اڪيلو پراڻو سکر اُڏائي ڏيندوسانءِ! هيءَ ڪهاڙي, جا سج وانگر چمڪي ٿي, اُن سان بہ

پنجاھہ سر تہ اُڏائي سگهندو آهيان.“ مون پريل کي چيو تہ ”تو آتي جي تڪليف ڇو ڪئي؟ مون وٽ ڏهہ مڻ اٽي جون ۽ ڏهہ ٻارنهن ٻَوٽيون ڪٽڪ جون آهن. جي موڪلائهن ڪنهن کوسي زميندار موڪليون هيون. اصيل مون کي ڪٽڪ ۽ چانور ايترا موڪليندا آهن، جو مان پنهنجي رهندڙ جوٽيجن ۽ گهانگهرن کي تحفي طور موڪليندو آهيان. هڪ ڦِ ج منهنجو ٻڪريءَ جي قيمي، هرڻ جي گوشت ۽ چيلهہ جيڏي ڏنيري جي ٻيرن سان پريو پيو آهي ۽ ٻيو ميوي ۽ سبزيءَ سان پريل آهي. هرڻ جو گوشت مون ڏانهن نريءَ جي زميندار عبدالحي موڪليو هو جنهن جو مون وٽ ڪيس هو. خطرو برابر آهي، منهنجي سنڌي بورچياڻي پنهنجي گهر کان مُنهنجي گهر تائين نہ ٿي اَچي. تون منهنجي اوطاق واري ڪمري ۾ رهي پئو ۽ ماني بچائي ڏجانءِ.“

پريل تي ڪنهن چوريءَ يا ڌاڙي جو ڪيس نہ هو. ٻُڙهي ياسين ۾ هن کي سورنهن ايڪڙ ٻني هئي، جا هو پاڻ پوکيندو هو ۽ هو ۽ هن جا ٻار ٻچا اُنهيءَ تي پلجندا هئا. هن جا دنگئي زميندا ٻُڙهي ياسين جا ڪي پٺاڻ هئا، جن جو وڏو اثر رسوخ هو. ڇو تہ آغا بدرالدين خان دُراني، جو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ اسپيڪر هو هُن جي ڪري ڪجهہ پٺاڻ ٽرڙا ۽ آڪڙ خان هوندا هئا ۽ اهڙي جهڙي کي اک ۾ نہ آڻيندا هئا. پريل جي دنگئي پٺاڻن پريل کي چيو تہ ”زمين اسان کي وڪڻي وڃ! تنهنجي چوڌاري اسان جون زمينون آهن.“ هڪ ڏينهن پريل جي مينهن وڃي پٺاڻن جي چٽن جي پوڪ ۾ پئي ۽ ٻَچ جيتري پَلِي کائي وئي. هڪ ٻِيرو پٺاڻ، جنهن کي هٿ ۾ بندوق هئي،تنهن اچي پريل کي گاريون ڏنيون، ۽ مينهن کي بندوق هنئي، جا ڦٽجي پئي. پريل بہ نہ ڪئي هم نہ تم، پڄي لانڍيءَ مان پنهنجي دونالي بندوق ڪنيائين. ٻيرو پٺاڻ اهو سوچي ٿهڪ ڏنا تہ، پاڙي ٿي پڄي ويو! اوچتو پريل لانڍيءَ مان نڪتو ۽ چيائين تہ ”تنهنجي تہ فلاڻيءَ کي......“ ائين چئي، پٺاڻ تي بہ فائر ڪيائين تہ مُڙس ٻُوبڪ جي ٻِيري وانگر ٻَٽڪو ڏئي ڪريو. پر وارا هاري خود پٺاڻ زميندار مان بيزار هُو فقط واقعو ڏسندا رهيا. پريل جي سيني دوستن دڙن کي سڏي ها تہ اڌ ٻُڙهي ياسين اُڏائي ڇڏي ها، پر پريل کي پنهنجي آڪهہ جو پؤ ٽبو ۽ پاڻ ٺاڻي تي فرياد لکايائين تہ هن سر بچاءَ ۾ خون ڪيو هو. پٺاڻن پنهنجي فرياد لکائي تہ ”پريل دشمنيءَ جي ڪري خون ڪيو آهي.“ واردات جي مشيرنامي ۾ پريل جي ڦٽيل مينهن جو ذڪر ڪيو

ويو. پريل جا پري تائين ڏاڍا مڙس يار هئا, جن کي جڏهن ڪنهن سان پلئہ ڪرڻو هوندو هو تہ پريل کي سڏيندا هئا. پريل يارن جو يار هو ۽ هنن کي سڏ ۾ سڏ ڏيندو هو. هو چوندو هو تہ ”موت ملاقات سڀ جي مٿي تي آهي ۽ مڙس اُهو جو اؤکائيءَ ۽ اهنجائيءَ ۾ ڪم اچي.“

پريل کي ڪنهن پئسي واري جي پُٽ ڪانہ هئي، هو ٻہ سال جيل ۾ رهيو تہ ڪنهن معمولي وڪيل هن جي ضامن لاءِ درخواست وجهي، هن کي ضامن تي آزاد ڪرايو. قانون اِهو هو تہ جي ڪيس هلڻ کان سواءِ ڪوئي بہ جوابدار ٻہ سال جيل ۾ رهي تہ ضامن تي رهائي، هن جو حق آهي. فريادي ۽ هُن جا هاري سيشن ڪورٽ ۾ اچڻ کان لنوائيندا هئا ۽ ڪوڙن بهانن تي پوليس هنن جون سمنون موٽائي ڇڏيندي هئي. اُن ڳالهہ کي سترنهن سال گذري ويا ۽ هو حاضريون ڀريندو رهيو. پوءِ هن کي خبر پئي تہ خيرپور جي غلام عباس پنيري سان منهنجي دوستي ۽ هن جو سؤٽ عطا محمد پنيرو منهنجي آفيس ۾ ڪم ڪندو آهي. پريل مون وٽ عطا محمد جي موجودگيءَ ۾ آيو ۽ چيائين تہ سترنهن سال حاضريون ڀوڳي مان پيڙجي ويو آهيان. مان توکي في تہ نہ ٿو ڏئي سگهان، مون سان خدا جي نالي ماڙ ڪر! عطا محمد بہ هن جي سفارش ڪئي. مان هڪ سال ۾ هن کي ڇڏائي آيس. سرڪاري وڪيل ڪجهہ شاهد ڇڏي ڏنا ۽ پريل جي رپورٽ کي ٽيڪ ڏيندي جيو تہ اُها سچي آهي.

جنهن شام جو پريل مون وٽ آيو هو اُن ڏينهن سارو پراٽو سکر فسادن جو ڳڙهہ هو. پريل جو قد ڪاٺ ڏسي، فسادي ڏڪي ويا. هن کي هڪ هٿ ۾ بندوق هئي ۽ ڳچيءَ ۾ ڪارتوسن جو پٽو هو. پراٽي سکر ۾ ٻہ سنڌين جا گهر هئا, هڪڙو منهنجو ۽ مون کان سَو ٻہ سَو قدم پري ستار خان پٺاڻ جو. مون پستول ۽ روالور ۾ گوليون ڀري رکيون هيون ۽ زرينا ۽ ٻارن کي شڪارپور زرينا جي پيڪي گهر موڪلي ڇڏيو هوم. مون پريل کي رنڌڻي ۾ آندو ۽ هن کي چيو تہ ڏس تہ ”ڪائي تيز ڇُري آهي.“ هن نہ رڳو ڇُري ڳولي لڌي، پر ڇهہ لوهہ جون سيخون ڳولي لڌيون، جي زرينا ڪبابن پچائڻ ۾ ڪم آڻيندي هئي. رنڌڻي ۾ ڪوئلن جي ڳوڻ رکي هئي. پريل ڇيلي کي سِيرَ ڏئي، چار رانون الڳ ڪيون ۽ باقي گوشت مان ٻوٽيون ڪيون. هن ڇيلي جي هڪ ران ڪنئي ۽ باقي گوشت لاءِ چيائين تہ ”فرج ڀري رک!“ پوءِ

هڪ ماهر بورچيءَ وانگر هن چيلي جي ران جي سجي ڪٽي ۾ هٿ سان مانيون پچايئين. بورچي خاني مان بصر ۾ ليمون ڪپي ٻہ جدا پليٽن تي آڻي، منهنجي ڊائيننگ ٽيبل تي رکيائين. مون پريل کي چيو تہ ”تون ٻہ ڪرسيءَ تي ويهہ ۾ مون سان گڏجي ماني کاءِ!“ ٻاهر چُپ چپات کي فقط ڪُتن جي ڀؤنڪار ٽوڙي رهي هئي. سجي ڪافي سوادي هئي، ران کي چيرُ ڏئي اُن ۾ مصالحو ڀريو ويو هو. زرينا سُرڪي ۾ بصر جا ڳونڊ پاتا هئا. مان اُهي ٻہ ڪجهہ ڪٽي آيس. ڊائيننگ روم ۾ هڪ ماورائي فضا نظر اچي رهي هئي – جيئن وان گوگ جي تصوير Potato Eaters ۾ هئي. پريں ڇُريءَ سان گوشت جو ٽُڪر ڪپي منهنجي اڳيان پليٽ ۾ رکيو. اوچتو مون کان پريل پڇيو ”هي ٻوليءَ تي فساد ڇو ٿا ڪن؟ دنيا ۾ انسانن، جانورن ۾ پکين ۾ يانت يانت جون ٻوليون آهن. مون تہ نہ ڏٺو آهي تہ ڪانوَ ڪبر جي اک ڪڍي، ڇو تہ هنن جون ٻوليون الڳ آهن! نہ مون ڪُتي کي رِڇ سان وڙهندي ڏٺو آهي، ڇو تہ ڪُتو ڀؤنڪندو ۽ رِڇ رنيندو آهي! مون تہ ڏٺو آهي تہ ماڪوڙا ٻہ هڪٻئي سان ڳالهائي ماٺ ميٺ ۾ رستو وٺندا آهن. ماڻهو ٻوليءَ تي هڪٻئي سان وڙهن ڇو ٿا؟“

مون پريل کي چيو ”پيرلَ تون ڳڙهي ياسين جو پناڻ ٿيندين؟“ پريل ڪن جي پاپڙين تي هٿ لائيندي چيو ”نہ بابا، الله امان ۾ رکي!“ مون پريل کي وڌيڪ چيو تہ ”مان مان تو رهڻ چاهيان ۾ هو هو ٿا رهڻ چاهِن. اسان هنن کي ڪيتري نہ زمين ڏني آهي، پر هو سنڌ جي ساري ڌرتي ڪٽڻ ٿا چاهين. تو ڪڏهن ڏٺو آهي تہ پکي رڳي رنگ ۽ نسل جي ڳالهہ تي وڙهيا آهن؟ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هڪ تترُ ٻئي تِتِرَ جي جُوءِ تي ايندو آهي تہ ٻنهي ۾ جهيڙو ٿيندو آهي.“

# ضميمو الف

(ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس، ميرپوءِ بٺوري، 3 سيپٽمبر 1996ع، جي مشاعري جو خطبو)

رفيقو!

هيءَ "بزم صوفياءِ سنڌ" جي نشست آهي، مشاعرو نہ آهي. مون کي "مشاعرو" لفظ ئي نہ آئڙندو آهي. بلڙيءَ واري ڪان وٺي بيڪس سائينءَ تائين، ڪنهن بہ مشاعري ۾ شرڪت نہ ڪئي هئي، ڇو تہ مشاعرو اسان جي ثقافت جو حصو نہ آهي. مشاعري جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ بيت، دوهو، وائي، ڪافي نہ پڙهيا ويا آهن. مشاعري جي روايات برصغير جي جاگيرداري دور سان وابستہ آهي ۽ شاعر جي بيڪسيءَ، مضحڪ خيزيءَ ۽ ذلت جو عبرت انگيز داستان آهي. برصغير ۾ مشاعرا گهڻو ڪري طرحي هوندا هئا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ غير طرحي غزل، قصيدا، هجو مسدس، مخمس وغيره پڙهيا ويندا هئا. اُهي مشاعرا جاگيرداري طبقي جي تفريح لاءِ ڪيا ويندا هئا، ۽ شاعر يا تہ اُن طبقي جا وظيفي خوار هوندا هئا يا وظيفي جا تمنائي هوندا هئا. انعام اڪرام ۽ سروپا جا خواهان، پنهنجا قافيا ڪبوترن جيئن اڏائيندا هئا، ۽ بحر وزن ۽ رديف جي سنگلاخ سرزمين تي تصور جا گهوڙا ڊوڙائيندا هئا. شمع ڦرندي رهندي هئي. غزل تي غزل پڙهيو ويندو هو. واهہ واهہ، مڪرر مڪرر ارشاد، مڪرر ارشاد، جا آواز بلند ٿيندا هئا، ۽ شاعر بار بار جُهڪي وري پڙهندا هئا، ۽ وري داد لاءِ ڪنائيندا هئا. اُنهيءَ طوايف الملوڪيءَ جي دور ۾ شاعر کي اهو احساس نہ هو تہ هن جي شاعريءَ، بٽير بازيءَ، ڪبوتر بازيءَ يا پتنگ بازيءَ ۾ ڪوئي فرق نہ آهي ۽ اُها فقط آقا جي تفريح جو ذريعو آهي ۽ وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي.

چيو ويو آهي تہ ان دور جي، اردو مشاعري ۾ سنجيدگي هئي، جا اڄ نہ آهي. پر اِن ظاهري سنجيدگيءَ جو سبب مشاعري ۾ جاگيردار طبقي جي موجودگي هوندي هئي، جي سامعين جي ڪابہ زيادتي پنهنجي توهين سمجهندا هئا. دراصل ان سنجيدگيءَ جي تهہ ۾ شاعر جي بنهہ بيوسي هوندي هئي. سنجيدگي فقط آدابِ محفل جي پابندي ئي نہ آهي. "غالب" جي فني عظمت جي باوجود هن جِي درباري ماحول ۾ بار بار ذلت اِن جي گواهہ آهي. هو ايستائين مجبور ٿيو جو سپاهگريءَ کي ذريعو عزت جو سمجهائين ۽ نہ شاعريءَ کي. برصغير ۾ جاگيرداري دور جي زوال کان پوءِ، مشاعري جي اُها ظاهري سنجيدگي بہ ختم ٿي ويئي. سامعين فقرا ڪسيا،

ٿئوييون ڪيون، ۽ جي داد ڏنو تہ ائين جيئن ڪنهن مسخري کي ڏبو آهي.
جي "داغ" دهلوي ۽ "امير" مينائيءَ جي ڪلام سامعين کي حواس باختہ ڪيو تہ اهو ائين جيئن ڪوئي بازيگر ڪرتب ڏيکاريندو آهي تہ تاڙيون وڄنديون آهن. اها روايت، جا سامعين جي رت جو حصو ٿي چُڪي هئي، ان کي "حالي" ۽ "اقبال" بہ بدلائي نہ سگهيا. پاڪستان کان پوءِ، جا "جگر" مراد آباديءَ ۽ "يگانہ" چنگيزيءَ جي لاهور ۾ ذلت ٿي، اُها اِن جي گواهہ آهي تہ مشاعرو فقط تخريبي مشغلو آهي.

اسان وٽ اُهو تخريبي مشغلو "سانگيءَ" جي دؤر ۾ يا اُن کان ڪجهہ اڳ آيو. اسان جا ڪلاسيڪي شاعر مشاعري باز نہ ٿيا. ڇو تہ اُهي بيحد خوددار انسان هئا. هو ڪنهن جي آسڻ تي نہ ويندا هئا، پر ڪوڙئين اُنهن جي آسڻ تي اچي سلام ڪندا هئا، ڇو تہ هو نہ فقط شاعر هئا، پر پيغامبر بہ هئا. هو ڪنهن طبقي جا محتاج نہ هئا، پر پنهنجي ذات ۽ ڏانءُ عوام کي آڇيو هئائون. هو ڪنهن جا قصيده گو نہ هئا، سواءِ سنڌ جي عوام جي، جنهن جي محبت هنن جي فن جو سرچشمو هئي، ۽ سنڌ جي عوام اُنهن کي بي مثال سنجيدگيءَ سان داد ڏنو انهن جي سٽ سٽ ياد رکي ۽ انهن جي پيغام کي پنهنجيءَ زندگيءَ جي نظريي ۾ شامل ڪري ڇڏيو. اسين، جي اڄ سنڌي ثقافت جي تحفظ لاءِ ڪنا ٿيا آهيون، انهن شاعرن جا وارث آهيون، جن انسان ذات کي هڪ لازوال پيغام ڏنو آهي. امن ۽ انسانيت جو پيغام، سپردگيءَ ۽ سرفروشيءَ جو پيغام، مذهبي تفرقي بازيءَ ۽ تعصب کان پرهيز جو پيغام، حب الوطنيءَ ۽ بين الاقوامي رواداريءَ جو پيغام. اسين ڀٽائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جا وارث آهيون، ۽ مشاعري جو مسخري پڻو اسان لاءِ ڪائي اهميت نہ ٿو رکي. هيءَ ڌرتي، جنهن ۾ اسان جي جڙ آهي، هيءَ ڌرتي جا اسان جي ماءُ آهي، هيءَ ڌرتيءَ جنهن مان سوين فن ۽ ادب جا رنگين گل اسريا آهن، اُنهيءَ ڌرتيءَ جي، فقط اُنهيءَ ڌرتيءَ جي، روايت اسان جي ثقافت جو حصو آهي، ۽ اُنهيءَ روايت جي حفاظت ئي اسان جي تخليقي ادب کي پنهنجي لازوال انفراديت ڏيئي سگهي ٿي.

اِها پنهنجي ثقافت سان محبت قدامت پسندي نہ آهي، ۽ نہ اجنبي روايت سان بغاوت ۽ تنگ نظريءَ جي نشاني آهي. جا بہ اجنبي روايت اسان جي ثقافت جي مزاج سان نهڪي نہ اچي، اُن سان لڳاءُ ۽ اُن جو ڦهلاءُ اُنهيءَ وڻ ـــ ويڙهيءَ وانگر آهي، جا سائي وڻ کي سُڪائي ڇڏيندي آهي. ثقافت هڪ جامد حقيقت نہ آهي، پر اِن جي اوسر اِن جي جڙ مان ٿيندي آهي، ۽ ڌاريءَ ڌرتيءَ ۾ اِها ڪومائجي ويندي آهي. اسان جي زرعي پيداوار واري

سماج تي جڏهن صنعتي زندگيءَ جون تقاضائون ٿيون، تڏهن اسان جي ثقافت ۾ بہ لازمي تبديلي ايندي، پر اِن جي، سنڌيت برقرار رهندي. ثقافت قوم جو روح آهي. ثقافت زنده هوندي آهي، تہ قوم زنده هوندي آهي. ثقافت قوم جي لطيف احساس جو نچوڙ آهي. جيئن اِها پراڻي ٿيندي آهي، تيئن مڏ وانگر رچي ريٽي ٿيندي آهي. اِن جي قدامت سان ربط ڪان سواءِ جدت اٽيي ۽ اَلوٽي آهي. اِهو يقين ڪريو تہ ڪائي بہ قوم ويهن سالن ۾ ثقافت پيدا نہ ڪري سگهندي آهي. ثقافت صدين جي سڳنڌ آهي. اُها نہ مڙهي ويندي آهي ۽ نہ مڱي ويندي آهي. اُها قوم جي روح مان چشمي وانگر ڦٽندي آهي ۽ صديون سيراب ڪندي ويندي آهي. ثقافت ڌرتيءَ ماءُ جي ٿج آهي ۽ اُن ڪان سواءِ قوم جي نئين نسل جو نيپاج ناممڪن آهي. سنڌ جي پنهنجي ثقافت آهي ۽ اُن ثقافت کي بي مثال انفراديت آهي. اُن انفراديت جي حفاظت اسان جي قومي وجود ۽ اُن جي ترقيءَ جي امين آهي.

هر عظيم ثقافت وانگر سنڌي ثقافت بہ هڪ جامع حقيقت آهي، جنهن جو فن ۽ ادب هڪ اهم حصو آهي. اسان جڏهن سنڌي شاعريءَ ۾ اُگري اجنبيت محسوس ڪئي، تہ اسان ان سان بغاوت ڪئي. اسان وري بيت، دوهي، وائيءَ، ڪافيءَ، گيت کي زنده ڪيو ڇو تہ اُن ۾ سنڌ جي سڳنڌ هئي. اسان غزل ۽ آزاد نظم جي مزاج ۾ ايتري تبديلي آندي، جو اُن ۾ ڪائي اجنبيت نہ رهي. اسان بحر وزن، قافيي ۽ رديف ۽ ٻئي پوري فني لوازمات کي سنڌيت جي مزاج سان موافق ڪيو ۽ جديد ڪان جديد ترين انسان جي ذهني ڪشمڪش اُن ۾ سمائي آياسين. هن وقت سنڌي شاعري، فڪري ۽ فني لحاظ ڪان، قدامت ۽ جدت جو بهترين ميلاپ آهي، ۽ ان ۾ هند پاڪ جي عظيم تخليقي حاصلات آهي. اسان جي بغاوت قدامت سان نہ پر مرده قدامت سان آهي ۽ اُن اُگري اجنبيت سان آهي، جا اسان جي منڙيءَ تهذيب کي بگاڙي رهي آهي.

اڄو تہ اڄ سيئي اِهو وعدو ڪريو تہ اُها ثقافت جا پٽ ڏٽيءَ ڪان سن جي سائينءَ تائين ساهہ سان سانڍي ويئي آهي، جا ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين پکڙي پيئي آهي. جا موهن جي دڙي ۽ اروڙ جي اتهاس ۾ جرڪي رهي آهي، ۽ جنهن پوري برصغير جي تهذيب تي پنهنجا ترورا ڦهلائي اُن کي زندگي بخشي، آهي. اُها ثقافت اسين پنهنجي جند جان ڪان عزيز رکنداسين، ۽ اُهو عظيم پيغام، جو اسان کي پنهنجا پيغمبر شاعر ڏيئي ويا، ڪڏهن بہ نہ وساريندا سين، ۽ اُن کي هِن اونداهي کنڊ ۾ مشعل راهہ ڪري بلند رکنداسين.

# ضميمو ب

## (ڇهين سنڌ ثقافت ڪانفرنس، سن، 19 نومبر 1966، جي مشاعري جو خطبو)

## سنڌي شاعريءَ جو مزاج

سنڌي شاعريءَ جي پرک لاءِ برصغير جي پوريءَ شاعريءَ جي مزاج سان آشنائي ضروري آهي. منهنجي نظر ۾ شاعريءَ جو فنُ پنهنجي ڪمال تي پهچي، دقيق ۾ دقيق خيال جو اظهار سليس ۾ سليس زبان ۾ ڪندو آهي. پر اُن زبان جي سلاست ۽ عام فهميءَ جي تهہ ۾ فڪر ۽ فن جو اُهو رچاءُ هوندو آهي، جنهن ۾ صدين جي سڳنڌ سميٽجي ايندي آهي. ڪنهن بہ عظيم شاعر جي هڪ سوليءَ سٽ تي تنقيد يا تبصري لاءِ، نہ فقط هن جي موجوده معاشري جو جائزو ضروري آهي، نہ فقط هُن جي دور جي قومي ۽ بين الاقوامي تعصبات جو تجزيو ۽ اُنهن ڏانهن هُن جي ردعمل جو مطالعو ضروري آهي، نہ فقط شاعر جي داخلي زندگيءَ جي شعوري ارتقا ۽ اُن تي هُن جي خارجي زندگيءَ جي اثرپذيريءَ جو اندازو لڳائڻو آهي، پر هُن جي تحت الشعور جي انهيءَ روشنيءَ کي بہ جاچڻو آهي، جنهن جا پاڇا هُن جي شعور جي پردي تي پوندا رهن ٿا. جنهن ڳٽڪليءَ جي نِرت نہ ڏٺي آهي، اُهو ڪاليداس جي ڪويتا جي پوري هڳاءَ ۾ ٻيڙهجي نٿو سگهي. جنهن رگ ويد ۾ وايو پرجينا، اُشا، اُرنياني، راتريءَ جي باري ۾ گيت نہ پڙهيا آهن، جنهن کي اِها ڄاڻ نہ آهي تہ هوا، برسات، باک، جهنگل ۽ رات جي باري ۾ اڳ ڇا ڇا ڳايو ويو آهي، اُن لاءِ ميگهہ ـ دوت جي روح تائين رسائي ناممڪن آهي، ۽ جنهن ڪاليداس جي ميگهہ ـ دوت ۾ اِهو نہ پڙهيو آهي تہ ڪاليداس بادل کي آڏو آڻي چوي ٿو تہ:

”اُتي ڪليل ڪڙڪين مان واجهہ وجهندڙ وار سنواريندڙ نارين جي سڳنڌ، تُنهنجي سرير کي ڳورو ڪري وجهندي. محل جا مور نچي نچي تنهنجو سواگت ڪندا. جيڪڏهن تون ٿڪجي پوين تہ رات ڦولن جي سڳنڌ ۾ ويڙهيل سَراين مٿان گذارجانءِ، سرايون، جن جا اڱڻ سندر نارين جي پيرن جي مينديءَ سان لالُ ٿي چڪا آهن.“

جنهن ميگهہ ـ دوت ۾ اِهو نہ پڙهيو آهي، تنهن کي ڀَتائيءَ جي اَجاتي تاجي پيئي جي ڪهڙي پروڙ پوندي! هُن کي ڪهڙي خبر تہ ڀٽائيءَ جي سٽ سٽ ڪهڙي ڪهڙي آتڻ ۾ اُٺي وئي آهي، اُن کي ڪهڙي چاڻ تہ اُهو ڪهڙي ڪهڙي جُڳ جو جادو آهي، جنهن ”سر سارنگ“ سرجيو آهي. سر سارنگ جي هيءَ سٽ:

’سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن‘

يا مومل راڻي مان هيءَ سٽ:

’مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوتا ساڻ چندن‘

يا سر ڪنيات جي هيءَ سٽ:

’سجڻ سُتا وِلهہ ۾، چوِتا پري ڪپور‘

اِنهن ۾ تن ۾ اِهو جسماني خوشبوءِ جو ڦهلاءُ آهي، انهن جي تحت الشعور ۾ جسماني شاعريءَ جي اِها روايت آهي، جا اُمارو ڪاليداس ۽ ڀرتري هريءَ کان هلي آهي ۽ جا ديس ديس واسي، اچي سنڌي ادب ۾ عنبير جيئن مهڪي آهي.

شڪنتلا جي باري ۾ ڪاليداس چيو آهي:

”هوءَ هڪ اهڙي ڦول وانگر آهي، جنهن کي نہ سُنگهيو ويو آهي: هڪ اهڙي ڀن وانگر آهي، جنهن کي هٿ سان نہ ڇُهو ويو آهي: هوءَ هڪ موتي آهي، جنهن کي ڪنهن هار ۾ نہ پوِيو ويو آهي: هوءَ ماکي آهي، جنهن کي اجا تائين ڪنهن نہ چکيو آهي.“

۽ ڀٽائيءَ تهذيب جي عطر بيزي هن سٽ ۾ آندي آهي:

”ڪنواريون ۽ ڪنول، هل تہ پسون ڪاڪ جا.“

۽

جُه تَرَ ڏُڙئون ڏُونِ، چوتا چندن چڪَ ڪئو
اَچن يَونر پنيولئا، پاڻيءَ تَهين پُون
راوِل رَتو روُن، ڪو وِه لڳو واسئين.

اِها خوشبوءِ اُنهيءَ ول جي خوشبوءِ آهي، جا پن ـ جهڙ ۾ مرجهائي ويندي آهي، تہ بہ پنهنجا ٻج ڏرتيءَ تي ٽيڙي پکيڙي ويندي آهي ۽ ميگهہ ملار ۾ اهي ٻج وري ڪائي ول پيدا ڪندا آهن، جنهن جي هڳاءَ سان آس پاس واسجي ويندو

آهي. هِن ڌرتيءَ جي ثقافت ۾ اهو گلريز تسلسل آهي، جو ٻہ صديون اڳ ڀٽائيءَ جي ذات ۾ ڦلارجي، سنڌڙيءَ جي چپي چپي ۾ ڇاڻ ٿي آيو.

هڪ پراڪرت گيت آهي:

’رات هوءَ مسافر لاءِ پلال وڇائي پُڻ پُڻ ڪري رهي هئي،
۽ باک ڦٽيءَ جو اُنهيءَ پلال کي ڪٺو ڪري روئي رهي هئي!‘

جوانيءَ جي اِنهيءَ ڪيفيت جو اظهار جو هِن ننڍي کنڊ جي گيت گيت ۾ آهي، ڀٽائيءَ ساڳئي رنگ ۾ سر ديسيءَ ۾ آندو آهي:

مون ڀانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين.

يا ساڳئي سُر جي هڪ وائيءَ جون هيٺيون سٽون:

لُڏڪون لڳن، ڪوسيون ڏاڍا تپن ڏينهن......
ووا! ڇڏي تون ڪو ڇپر وڃ ڏين!

اهڙا هزارين مثال آهن، جنهن ۾ هِن جندڙيءَ ۽ ان جي ڏک سک، پيار ۽ پڇتاءَ، ريت ڪُريت کي گيت ۾ سمايو ويو آهي، ۽ جنهن جو پڙاڏو ڀٽائيءَ جي ٻٽ تي ٻڌو ويو آهي. اُنهيءَ يڪتاري جي تار ۾ صدين جي سنگيت جو پڙلاءُ آهي ۽ آڳرين جي ڇهاءَ ۾ ڪائي آد جڳاد آهي. هِن ڌرتيءَ جي ڪائي ڏين آهي، جا جهوليءَ جهوليءَ ورهائبي رهي آهي ۽ فقط هڪڙيءَ ذات جو ڏاج نہ آهي.

مون ڀٽائيءَ جي اُلوهيت ۾ بہ اُهوئي آواز ٻڌو آهي. هيءَ انسان جي روحاني مساوات جو پيغمبر، اُهوئي پيغام دهرائي رهيو آهي، جو نرگن واد ۽ پريم مارگ ۽ ڀڳتي تحريڪ جي شاعريءَ ۾ آهي، جنهن کي ڪبير، ميران بائيءَ، سورداس، ملڪ محمد جائسيءَ، رحيم خانان، پنهنجن دوهن، چوپاين ۽ گيتن جي ذريعي هن ننڍي کنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو ۽ جنهن کي سرمد ۽ دارا شڪوه پنهنجي رت سان رڱيو ڪيو.

برصغير ۾ جي بہ انساني مساوات جون روحاني تحريڪون پيدا ٿيون، جن انسان کي تعصب، تفرقي بازيءَ، ابن الوقتيءَ ۽ خود پرستيءَ خلاف تلقين ڪئي، جن انسان جي خمير ۽ ضمير کي سڀ کان اهم درجو ڏنو ۽ دولت ۽ اقتدار جي هوس کي هُن جي روحاني ترقيءَ لاءِ رڪاوٽ سمجهيو. اُنهن سڀني تحريڪن جو تتُ ڀٽائيءَ جي بيت ۽ وائيءَ ۾ سمايل آهي. شاهہ جو رسالو سماوي الهام نہ آهي، اِهو هِن ڌرتيءَ جو الهام آهي، جو هوءَ

ڪيتري وقت کان سيني ۾ سانڍيندي آئي هئي، ۽ جڏهن اُن جو پيغمبر پيدا ٿيو تڏهن اُن جي واتان اُهو پيغام گل ڦل ٿي پڪڙجي ويو.

جسم ۽ روح جي شاعريءَ جي اِنهيءَ مڌر ميلاپ، ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي انهيءَ انوکي سنگم ۾ ئي ڀٽائيءَ جي انفراديت آهي. ڀٽائي سنڌ ۽ هند جي پيونديءَ مان اُهو اُسريل ميوو آهي، جنهن جي جڙ پراڻي آهي، پر ذائقو نرالو آهي.

مون ڪبير ۽ ڪجهه ٻين هندي شاعرن ۾ انسان جي عملي زندگيءَ جي چرخي سان تشبيهه پڙهي آهي، ۽ سُر ڪاپائتيءَ ۾ ڏنل پيغام جو ماخذ ڳولي سگهيو آهيان. پر مون پوري برصغير جي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ نہ پڙهيو آهي تہ ازلي حقيقت کي ڏُت سان تشبيهه ڏني ويئي هجي، يا جنهن ۾ انسان جي دائمي جستجوءَ کي ڏوٽيئڙي ۾ مجسم ڪيو ويو هجي، جيئن ڀٽائيءَ سر ڪاهوڙيءَ ۾ ڪيو آهي:

”سمر ڪيائون سُڄ ۾، ڏوري ڏُت لهي.“

اُنهيءَ ڌرتيءَ جي پيغمبر جي صدا آهي، جنهن انسان جي مادي ۽ روحاني ضرورتن ۾ هڪ پائنده رابطو ڳولي لڌو آهي.

پر اِها ڏات هن ڌرتيءَ جي ڏين آهي. اوهان مِيين عنات جو ڪلام پڙهيو هوندو تہ اوهان ڏٺو هوندو تہ عنات ۾ بہ اهيئي، لوڪ ـ ڪهاڻيون، تمثيلون، محاورا، روزمره جو استعمال، استعارا، علامتون، ادبي اشارا، تشبيهون، تخيل، ڪلام جي فصاحت ۽ زبان جي سلاست سڀ ساڳئي رنگ روپ، سَڄ ڌَڄ سان ملن ٿا، جيئن ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ آهن. تاريخ جي ستم ظريفيءَ سنڌي ٻوليءَ جون اُن کان اڳ جون تخليقون ناياب ڪري ڇڏيون آهن، نہ تہ اُنهن روايتن جو سلسلو ڳولي سگهجي ها ۽ اُنهن جو ناتو هزارين صدين سان جوڙي سگهجي ها. پر اِن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ شاهہ لطيف جو وجود ڪائي ازلي شعبده بازي نہ آهي، پر هِن ڌرتيءَ جي فن ۽ فڪر جي درجي بدرجي ارتقا جو حاصل آهي، ۽ جڏهن شاهہ لطيف آيو تڏهن سج جئن ڇائنجي ويو جنهن جي اُهاءَ ۾ ٻيا ’تارا، ٽِر، ٽِروڪڙيون‘ ڍڪجي ويا، ۽ پنهنجي جوت ايتري جرڪائي نہ سگهيا، جيتري اُنهن ۾ جِلا هئي.

صديون چمڪي، اوچتو اُهو سڄ گرهڻ ۾ اچي ويو. ديومالا ۾ آهي تہ راهوءَ جهڙا دئيت جڏهن سج کي وَٽُ ڪندا آهن، تڏهن سڄ گرهڻ ٿيندو آهي. سنڌ جي جديد شاعريءَ جڏهن اک کولي، تڏهن اُن جي چوڌاري اونده نظر آئي. زندگيءَ جا قدر بدلجي چڪا هئا. فاشزم جا ڪوڙا پيغمبر

چوٽيءَ جا شاعر ٿي سمجهيا ويا. انصاف، امن، انسان دوستيءَ جي سج کي اُنهن جي شاعري گرهڻ جئن ويڙهي چڪي هئي. اسان ڏٺو تہ اسان جا شاعر تصوف وارو انساني برادريءَ جو پيغام وساري چڪا آهن. تخليقي قوت کي تعصب جي ڏيڻ ڳڙڪائي چڪي آهي، شاعري فقط لفاظي آهي، نقالي آهي، ادبي شعبده گِري آهي ۽ ان ۾ پيغمبريءَ جي بوءِ نہ رهي آهي. اسان ڏٺو تہ اسان جي ثقافت جي جڙ ڪنجي چڪي آهي، ۽ جا ثقافت اڳ واڙيءَ ڦل جئن وڌي هئي، اُها بي پاڙيءَ ول جئن ڦهلي رهي آهي. جا اسان جون ساريون صلاحيتون سُڪائي ڇڏينديون. اسان ڏٺو تہ پولڙا تاريخ جي مداريءَ جي هٿ ۾ نچي رهيا هئا ۽ شينهن پنجوڙ ڏسي پاسي ٿي ويا هئا.

اُن وقت اسان سوچيو تہ اسان جي نجات اِن ۾ آهي تہ پٽائيءَ سان پنهنجو سلسلو جوڙيون تہ اُهي روحاني قدر جي پٽائيءَ جي شاعريءَ جي جان هئا. تن کي جديد شاعريءَ جو سنگ بنياد ڪريون، تہ هِن ڪوڙ جي سڙاند ۾ وري اُها سچ جي سڳنڌ ڦهلايون، جنهن کان هن ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ وانجهي ٿي چڪي آهي. مومل بہ نئين، مينڌرا بہ نوان، پر ڪاڪ پراڻي هئي. اسان اُن تي پنهنجا رنگ رَتولَ اڏيا، ۽ مستقبل فيصلو ڪندو تہ اسان جي جديد شاعريءَ تي بہ ڪي صديون پَونر پنيوليا ايندا يا نہ!

حال جو ازلي منصف مستقبل آهي. فقط ان جي فتوا اٽل آهي، ۽ مستقبل ئي فتوا ڏيندو تہ جو پيغام سنڌ جي جديد شاعريءَ ڏنو آهي، اُن ۾ هن برصغير جي ڪوڙهئي ضمير جو علاج آهي يا نہ. زندگي 'ڪوهِ بي سُتون' سهي، پر جي ڪوهڪن جي ضرب ۾ 'جُوي - شِير' جي تلاش آهي، تہ تاريخ هن کي ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪيو آهي. سنڌ جي جديد شاعريءَ جو پيغام هي آهي:

- تہ پٽائي عظيم آهي، پر سنڌ عظيم ترين آهي، تہ پٽائيءَ سان اسان جو سلسلو دراصل پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان ناتو آهي؛
- تہ سنڌ جي ڌرتي اُنهي انساني اقدار جو سرچشمو آهي، جنهن ۾ برصغير جي مِرده ضمير لاءِ آب حيات آهي؛
- تہ ذات سستي آهي، ۽ ضمير مهانگو آهي، ۽ ضمير جي، حصول لاءِ سر جو سودو سهانگو آهي؛
- تہ فن جيستائين زندگيءَ جو ضمير نہ آهي، تيستائين اُهو پاٽيءَ تي چِٽُ آهي، ان ۾ ڪائي پائندگي نہ آهي.